هڪ جلدي

سنڌي لغت

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد، سنڌ
١٩٩٨ع

هک جلدي

هڪ جلدي سنڌي لغت

(عام رائج ٻولي ۽ وچولي درجي جي ادبي زبان جي لفظن ۽ اصطلاحن تي مشتمل)

مولف

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مددگار

شيخ محمد اسماعيل

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ.

١٩٩٨ع

سنڌي لئنگويج اٿارٽي جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

هڪ جُلدي سنڌي لغت

مؤلف: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
مددگار: محمد اسماعيل شيخ
اشاعتي نگران: امين محمد لغاري
ڪمپوزنگ: حسين احمد ميمڻ
ڇاپو: پهريون، آگسٽ ۱۹۹۸ع
تعداد: ٻه هــزار
ڇپائيندڙ: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشن، ڪراچي
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قيمت: =/400 روپيا

ملڻ جو هنڌ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو،
نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان. 77000
فون: 650167-652457
فيڪس: 65276

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هيءَ لغات، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سيڪريٽري، تاج جويو، آزاد ڪميونيڪيشن ڪراچيءَ کان ڇپائي، اداري جي آفيس، حيدرآباد مان پڌري ڪئي.

هڪ جلدي سنڌي لغت

(عام رائج ٻولي ۽ وچولي درجي جي ادبي زبان جي لفظن ۽ اصطلاحن تي مشتمل)

مولف

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مددگار

شيخ محمد اسماعيل

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ.

١٩٩٨ع

سنڌي لئنگويج اٿارٽي جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

هڪ جِلدي سنڌي لغت

مؤلف: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
مددگار: محمد اسماعيل شيخ
اشاعتي نگران: امين محمد لغاري
ڪمپوزنگ: حسين احمد ميمڻ
ڇاپو: پهريون، آگسٽ ١٩٩٨ع
تعداد: ٻـ هـزار
ڇپائيندڙ: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشن، ڪراچي

قيمت: =/400 روپيا

ملڻ جو هنڌ
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو،
نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان. 77000
فون: 650167-652457
فيڪس: 65276

هيءَ لغات، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سيڪريٽري، تاج جويو، آزاد ڪميونيڪيشن ڪراچيءَ کان ڇپائي، اداري جي آفيس، حيدرآباد مان پڌري ڪئي.

پنهنجي پاران

مُون کي فخر حاصل ٿي رهيو آهي، جو جڳ مشهور عالم ۽ فاضل، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب طرفان تيار ڪيل هڪ جلدي سنڌي لغت، اُن وقت شايع ٿي رهي آهي، جڏهن سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي واڳ ونڻ جي سعادت رب العزت مون کي بخشي آهي. اِها هڪ عظيم سعادت آهي، جنهن لاءِ آءٌ موليٰءِ ڪريم جو احسانمند آهيان.

دراصل منهنجي دوست ۽ منهنجي سائيءَ، سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي اڳوڻي چيئرمين، محترم عبدالحميد سنڌيءَ جي وقت ۾ هن لغت جي ڇپائيءَ جا سڀ مرحلا پورا ٿيا ۽ اُن (لغت) جي ڇپائي لڳ ڀڳ آخري مرحلن ۾ هئي. اُن ڪري هن ڪم لاءِ دعويٰ جو حق محترم حميد صاحب کي پهچي ٿو، جنهن لاءِ سندس جيتري تعريف ڪجي، اوتري ٿوري آهي!

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي سنڌي ٻوليءَ ۾ مهارت ۽ لغت نويسيءَ جي ڄاڻ لاءِ ڪين ڪنهن کان به ڪنهن سرٽيفڪيٽ جي ضرورت ڪانهي. هن کان اڳ سندن رهنمائيءَ ۽ محنت سان تيار ٿيل ۽ پنجن جلدن تي مشتمل "جامع سنڌي لغات" سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿي چڪي آهي، جنهن جي مڃتا نه فقط سنڌ ۾، نه فقط پارت ۾، پر دنيا ۾ هر اُن هنڌ تي ٿي چڪي آهي، جتي سنڌي زبان، سنڌي لسانيات ۽ عام لسانيات جا ماهر پنهنجيءَ تحقيق ۾ مصروف آهن. ڊاڪٽر صاحب جن جي هيءَ ڪاوش به خاطري آهي ته دنيا ۾ هر هنڌ پنهنجو سڪو ڄمائيندي.

لغت نويسي ڪو آسان ڪم نه آهي، پر سنڌ ۾ ۽ سنڌي زبان ۾ لغت نويسيءَ جو فن نئون به نه آهي. هن کان اڳ جيئن هن اداري جي سيڪريٽري محترم تاج جويي طرفان لکيل لغت نويسيءَ واري مضمون مان معلوم ٿئي ٿو ته ٽالپرن جي دور ۾ سنڌي- فارسي ۽ فارسي- سنڌي لغتن تي ڪم ٿيو هو. اُن کان پوءِ انگريزن جي دور ۾ لغت نويسيءَ جو سلسلو جاري رهيو. لهاذا، سنڌ ۾ لسانيات جا ڄاڻو ۽ سنڌي ٻوليءَ سان دلچسپي رکندڙ بزرگ، هن فن جي چڱيءَ طرح واقفيت رکندا هئا، پر سال گذري ويا، پر مانند ميوارام به هليو ويو، اُن کان پوءِ مسٽر شاهواڻي به سرگواسي ٿي ويو، پر هن موضوع تي قلم کڻڻ لاءِ ڪنهن جي به همت نه ٿي. جسُ هجي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي، جن هن ميدان ۾ پنهنجي قلم جي گهوڙي کي ڊوڙايو، ۽ پهرين پنجن جلدن واري جامع سنڌي لغات تيار ڪيائون ۽ اُن بعد 'هڪ جِلدي سنڌي لغت' جو ڪم تڏهن شروع ڪيائون، جڏهن پاڻ سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جا پهريان ۽ باني چيئرمين هئا.

هيءَ لغت، حالانڪ مختصر آهي پر گهڻ پاسائين لغت جي حيثيت رکي ٿي. هن لغت ۾ 27000 لفظ ۽ اصطلاح موجود آهن، جيڪي سنڌي نوڙي غير سنڌي استادن، اديبن، شاعرن، ليکڪن، شاگردن ۽ عام مطالعي ڪندڙن کي چند سنڌي لفظن جي معنيٰ، مفهوم، اصليت ۽ بڻ بنياد تلاش ڪرڻ لاءِ مددگار ثابت ٿيندا.

آءٌ اها بہ اُميد رکان ٿو تہ هن لغت کي بنياد بنائي، سنڌي- انگريزي لغت تي ڪم ڪري سگهجي ٿو.

آءٌ سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي جي هر دلعزيز سيڪريٽري عزيزم عبدالحميد آخوند صاحب جو شڪر گذار آهيان، جن هن لغت جي ڇپائيءَ ۾ هن اداري سان سهڪار ڪيو. آءٌ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن جو بہ ٿورائتو آهيان، جن سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجيءَ زبان کي آسانيءَ سان سمجهڻ لاءِ هن لغت جهڙو ناياب نسخو تيار ڪري، هن اداري کي شايع ڪرڻ لاءِ ڏنو.

جيئن مون مٿي عرض ڪيو آهي تہ هن اداري ۾ چيئرمين جي حيثيت ۾ منهنجي دخلڪار ٿيڻ کان اڳ هيءُ سڄو ڪم تيار ٿي چڪو هو، ۽ هيءَ لغت ڇپائيءَ جي آخري مرحلن تائين پهچي چڪي هئي: پُڇا ڪرڻ ۽ رڪارڊ ڏسڻ مان معلوم ٿيو تہ هن سڄي ڪم جي نگراني هن اداري جي سيڪريٽري محترم تاج جويي، اسسٽنٽ سيڪريٽري عبدالرحمان ميمڻ ۽ پبليڪيشن آفيسر امين لغاريءَ ڪئي آهي، جنهن لاءِ ڪين جسُ ڏيان ٿو. فائيل ڏسڻ سان ائين معلوم ٿيو تہ هن لغت جي ڇپائيءَ ۽ اشاعت جي ڪم ۾ امين لغاري سڀني کان اڳڀرو رهيو، جنهن لاءِ ڪيس شاباس هجي. امين کي آءٌ تڏهن کان سڃاڻان، جڏهن هُو هن اداري ۾ ريسرچ اسسٽنٽ جي حيثيت ۾ ڀرتي ٿيو هو. هُو هڪ ڳڀرو جُوان ٿي نظر آيو، پر منجهس جيڪا مٺيا هئي، تنهن امين کي اڳتي رسايو. اڄ هُو هن اداري جي اشاعتي سلسلي جو روح روان آهي. ڌڻي تعاليٰ ڪيس وڏي عمر عطا ڪري!

هن لغت جو مڪمل نسخو هن اداري جي ڪمپيوٽر سيڪشن ۾ حسين احمد ميمڻ ڪمپوز ڪيو آهي، هيءُ ادارو هن ڪارڪن جو بہ ٿورائتو آهي.

مون کي اُميد آهي تہ هيءَ لغت هن اداري جي نالي ۽ ڪم کي پڙهندڙن جي آڏو نمايان ڪندي.

حيدرآباد، سنڌ
١٩-٨-١٩٩٨ع

پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا
چيئرمين سنڌي لئنگويج اٿارٽي

هڪ عظيم رٿا جي تڪميل

سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي چيئرمن جي حيثيت ۾، منهنجي لاءِ اِها ڳالهه ڏاڍيءَ خُوشيءَ ۽ فخر جوڳي آهي تہ منهنجي دور ۾ سنڌ جي مايہء ناز عالم ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي وڏي جُهد، عرق ريزيءَ ۽ سالن جي مسلسل محنت سان تيار ڪيل "هڪ جُلدي سنڌي لغت" ڇپجي پڌري ٿي رهي آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، سنڌ جي ڪيترن عالمن، محققن ۽ ٻوليءَ جي ماهرن جي مدد ۽ معاونت سان "جامع سنڌي لغات" جا ٥ جلد تيار ڪرائي، سنڌي ٻوليءَ جي بجا طور وڏي خدمت ڪئي آهي، ۽ جنهن کي سنڌ سرڪار جي مالي سهڪار سان سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. اها حقيقت آهي تہ لغت سازي هڪ مسلسل عمل آهي، ۽ ٻولين جون لغتون وري وري پيون ڏاهبيون آهن ۽ وقت بہ وقت اُنهن ۾ واڌارا ۽ سڌارا پيا ڪبا آهن ۽ انهن ۾ نوان لفظ ۽ نوان اصطلاح پيا داخل ڪبا آهن. لازمي طرح "جامع سنڌي لغات" پڻ هڪ اهڙيءَ ماهرانہ نظرَ ۽ واڌاري جي گهُرجائو آهي، جنهن لاءِ مون کي پڪ آهي تہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب ۽ ٻيا عالم ضرور سوچيندا ۽ ڪم ڪندا رهندا.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي خوش بختي آهي تہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن هن اداري جا ٻهريان ۽ باني چيئرمن رهيا آهن ۽ اُنهن سنڌي زبان ۾ هڪ اهڙي مختصر مگر گهڻ پاسائين لغت جي ضرورت محسوس ڪئي، جيڪا هڪ جلد تي ٻڌل هجي تہ جيئن اسان جي استادن، اديبن، ليکڪن، شاگردن ۽ عام مطالعي ڪندڙن کي لفظن جي معنيٰ، مفهوم ۽ اصليت تلاش ڪرڻ لاءِ مختلف لغتن يا لغت جي مختلف جلدن کي ڦلهورڻو نہ پوي؛ ڇو تہ عام اديبن، اُستادن ۽ شاگردن جي مالي حالت ايتري بهتر نہ آهي، جو هُو ڪنهن لغت جا پنج - ڇهہ جلد خريد ڪري سگهن؛ ان ڪري پاڻ هن ڪم کي هٿ ۾ ڪنيائون تہ جيئن علمي، ادبي ۽ تعليمي ضرورت پوري ٿي سگهي. ان ڪم ۾ شيخ محمد اسماعيل صاحب جن جي معاونت، ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي سون تي سهاڳي جو ڪم ڏنو، ۽ هيءَ رٿا مڪمل ٿي سگهي. هڪ عرصو، وچ ۾ هن لغت جو ڪم، ڪنهن اڻتر سبب جي ڪري ملتوي بہ ٿي چڪو هو، پر ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن بهرحال رٿا کي تڪميلي صورت ڏئي ڇڏي.

جڏهن مون هن اداري جي چيئرمن شپ جي چارج ورتي تہ سڀ کان اڳ منهنجي نظر هن عاليشان ۽ شاندار علمي پورهيي تي پئي، ۽ مون عزم ڪري ورتو تہ هن رٿا کي آءٌ اشاعت جي

زيور سان آراستہ ڪندس. وچ ۾ مالي کوٽ ۽ اداري جي بجيٽ جي الپورائي، ان ڪم ۾ رڪاوٽ ضرور بڻي، ۽ هڪ موقعي تي عزيزم عبدالحميد آخوند صاحب ارادو ڏيکاريو تہ "هڪ جلدي سنڌي لغت" کي هيءُ ادارو ڇپائي نہ ٿو سگهي تہ سنڌ ثقافت کاتو اُن جي ڇپائيءَ جو ذمو کڻي ٿو، پر ڪن اڻٽر سببن ڪري سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو هن رٿا جي اشاعت کي ممڪن بڻائي نہ سگهيو - مون هڪ ڀيرو ٻيهر دل ٻڌي، پنهنجي عزيز دوست عبدالحميد آخوند صاحب کان هن لغت جو مسودو حاصل ڪري ورتو، ۽ اڄ پنهنجي محترم دوست عبدالحميد آخوند جي سهڪار سان "هڪ جلدي سنڌي لغت" ڇپائيندي، آءٌ جيڪا خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان، اُها منهنجي دل ڄاڻي ٿي. منهنجي ٿي دور ۾ هن قسم جو انتهائي اهم پروجيڪٽ مڪمل ٿيڻ منهنجي لاءِ لازمي طرح فخر جوڳي ڳالهہ آهي. مون اٿارٽيءَ جي محفوظ سرمائي کي هٿ نہ لائيندي، ڪتابن جي ڇپائيءَ لاءِ، بجيٽ اسڪيم ۾ رکيل سرٽيفڪيٽن جي منافعي مان هڪڙو محدود حصو مخصوص ڪري ورتو ۽ اُن مان هيءُ عظيم اشاعت عمل ۾ آئي آهي.

آءٌ شڪرگذار آهيان عزيزم عبدالحميد آخوند صاحب جو، جنهن نهايت فراخدليءَ سان "هڪ جلدي سنڌي لغت" جو نسخو منهنجي حوالي ڪيو، ۽ سوين احسان سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جا، جن جي وقت بہ وقت فهمائش ۽ اصرار، مون کي اِن قابل بڻايو، جو هيءُ رٿا منهنجي دور ۾، منهنجي چيئرمن شپ ۾ پايہ تڪميل تي پهچي رهي آهي.

آءٌ هن لغت جي اشاعت جي سلسلي ۾ اداري جي سيڪريٽري تاج جويي، اسسٽنٽ سيڪريٽري عبدالرحمان ميمڻ ۽ پبليڪيشن آفيسر محمد امين لغاريءَ کي بہ جس ڏيان ٿو، جن مون سان مڪمل سهڪار ڪري، هيءُ عظيم فرض پوري ڪرڻ جو موقعو مون کي ڏنو. اشاعتي سلسلي ۾ ڪجهہ ٻيا ڪتاب پڻ جلد منظر عام تي ايندا، ۽ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو هڪ ڀيرو وري پنهنجي ساک سنڌ ۾ برقرار رکڻ ۾ ضرور ڪامياب ويندو.

عبدالحميد سنڌي
چيئرمن سنڌي لئنگويج اٿارٽي

سنڌي زبان ۾ لغت نويسي

سنڌ ۾ لغت سازيءَ جا پيرا ڪٿجن ٿا تہ اُن جا آثار اسان کي سورهين صديءَ جي ابتدا ۾ ملن ٿا. ان ڏس ۾ سنڌ جي تاريخي اهميت واري شهر ٺٽي جي هڪ وڏي عالم، ڪاتب ۽ لغت نويس مُلا عبدالرشيد الحسني المدني التتويءَ (وفات ٧١-١٦٧٠) جون عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ لکيل ٻہ لغتون اهم آهن، جن مان هڪ عربي- فارسي لغت "منتخب اللغات شاهجهاني" يا "راشدي عربي" سڏي وڃي آهي، جيڪا ٤٠-١٦٣٦ع ۾ لکي، مغل شهنشاهہ شاهجهان کي منسوب ڪئي وئي هئي. هيءَ لغت اڳتي هلي ١٨٠٨ع، ١٨١٦ع ۽ ١٨٣٦ع ۾ مولوي الله داد جي تصحيح ۽ ايمر- لوسرن جي مقدمي سان ڪلڪتي مان ۽ ١٨٣٥ع ۽ ١٨٦٩ع ۾ لکنؤ مان ۽ ١٨٦٢ع ۾ بمبئيءَ مان پڻ شايع ڪئي وئي. ملا عبدالرشيد جي ٻي لغت، فارسي- عربيءَ ۾ "فرهنگ راشدي" يا "راشدي فارسي" جي نالي سان عام طرح مقبول آهي، جيڪا هن ١٦٥٣ع ۾ مڪمل ڪري، ان جو انتساب بہ مغل بادشاهہ شاهجهان کي ڪيو هو. هيءَ لغت، فرهنگ جهانگيري، فرهنگ سروري ۽ مجمع الفارس جي سوڌيل، سنواريل ۽ وڌايل صورت چئي وڃي ٿي. هن لغت کي بعد ۾ مولوي ذوالفقارعليءَ نظر مان ڪڍيو ۽ "اسپلٽ" جي مقدمي سان ٧٥- ١٨٧٠ع ۾ ٻن جلدن ۾ شايع ڪئي وئي. هن لغت جا قلمي نسخا، سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ پنجاب يونيورسٽيءَ جي لائبررين ۾ موجود آهن.

مغل- ڪلهوڙا دور کان پوءِ اسان کي ٽالپر دور (١٨٤٣- ١٧٨٣ع) ۾ "سنڌي فارسي" ۽ "فارسي- سنڌي لغتون" قلمي مسودن جي صورت ۾ ملن ٿيون، ۽ اُهي سرڪاري عملدارن ۽ ڪورٽن جي لکپڙهہ لاءِ گرمکيءَ يا ديوناگريءَ ۽ فارسي لپيءَ ۾ لکيون ويون هيون. ١٨٣٦ع ۾ هڪ انگريزدان ڊبليو. ايڇ. واٿن (Wathen) ۽ ١٨٤٣ع ۾ جارج اسٽيڪ سنڌي لفظن جون ٻہ مختصر نامہ- مالهائون/ فهرستون (Vocabularies) لکيون، جيڪي "جنرل آف ايشيائڪ سوسائٽي آف بنگال، ڪلڪتي" ۾ شايع ٿيون. اهڙيءَ طرح. آر. ليچ (R. Leech)، هند سرڪار جي آفيسن ۾ استعمال لاءِ هندستان جي ستن مکيہ زبانن جي لفظن جي هڪ نامہ- مالها/ فهرست (Vocabulary) تيار ڪئي، جنهن ۾ سنڌي زبان جا لفظ بہ شامل هئا ۽ هيءَ فهرست ١٨٣٨ع ۾ بمبئيءَ مان شايع ٿي.

ائين محسوس ٿئي ٿو تہ انگريز دؤر ۾ ئي صحيح لغت نويسيءَ جي ابتدا ٿي آهي. هن دؤر ۾ سڀ کان اڳ اسان کي هڪ اهڙي لغت ملي ٿي، جيڪا آخوند عبدالرحيم عباسيءَ "جواهر لغات سنڌي اڪيچار" نالي سان ترتيب ڏني هئي، جنهن ۾ سنڌي لفظ ۽ انهن جون فارسيءَ ۾ معنائون ڏنيون ويون هيون. سنڌي جي عظيم اسڪالر، محقق ۽ لغت نويس ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو رايو آهي تہ 'هيءَ لغت لازمي طور انگريز دور ۾ تيار ڪرايل "سنڌي- انگريزي" ۽ "انگريزي- سنڌي" لغتن کان اڳ ۾ تيار ڪئي وئي هوندي' . انگريز دؤر ۾ ملازمن، شاگردن، اُستادن توڙي پرڏيهي آفيسرن کي سنڌي سکڻ جي سهوليت لاءِ "سنڌي- انگريزي" ۽ "انگريزي- سنڌي" لغتن جي ضرورت محسوس ٿي. ان ڏس ۾ سڀ کان اڳ اُن وقت جي حيدرآباد جي ڊپٽي ڪليڪٽر، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، شروعات ڪندي "انگريزي- سنڌي لغت" ١٨٤٨ع ۾ لکي، جيڪا ١٨٤٩ع ۾ بمبئيءَ مان شايع ٿي ۽ سندس "سنڌي- انگريزي لغت" سربٽرو ايلس ايڊٽ ڪري، ١٨٥٥ع ۾ ڇپارائي. ۾ هي ٻئي لغتون ديوناگري سنڌي لپيءَ ۾ ڇپيون هيون. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي انهن ٻنهي لغتن کان پوءِ اهميت واري لغت، انگريز پادري ۽ عالم جي- شرٽ ۽ ٻن سنڌي عالمن اُڌارام ٿانورداس ميرچندائيءَ ۽ مرزا صادق عليءَ جي "سنڌي- انگريزي لغت" آهي، جيڪا ١٨٧٩ع ۾ ڪراچي ايجوڪيشنل ڊپارٽمينٽ ڇپائي پڌري ڪئي هئي، ۽ اُها عربي- سنڌي لپيءَ ۾ آهي. اُن کانسواءِ لڪشمڻ وشنو پرانج پائي "سنڌي- انگريزي لغت" ١٨٦٨ع ۾ لکي ۽ ديوان ڪوڙيمل چندن مل کلناڻيءَ ١٩٠٤ع ۾ "انگريزي- سنڌي لغت" لکي، جيڪي ٻئي لغتون پڻ عربي- سنڌي لپيءَ ۾ آهن.

١٩ صديءَ جي شروعات ۾ پرمانند ميوارام ملڪاڻيءَ جون "سنڌي انگريزي لغت" (١٩١٠ع) ۽ "انگريزي سنڌي لغت" (١٩٣٣ع) شايع ٿيون، جيڪي سنڌي لغت نويسيءَ جي ميدان ۾ وڏي اهميت رکن ٿيون. هن جي سنڌي- انگريزي لغت ۾ ٢٥٠٠٠ جي لڳ ڀڳ سنڌي لفظ جون انگريزيءَ ۾ معنائون ڏنيون ويون آهن. هنن ٻنهي لغتن جي اهميت ۽

افاديت محسوس ڪندي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشوري ۽ ساهتيہ اڪيڊمي دهليءَ اُن جا نوان ڇاپا شايع ڪرايا آهن.

اُن کان پوءِ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي تائين ڪيترين ننڍين وڏين سنڌي انگريزي ۽ انگريزي سنڌي لغتون تيار ٿينديون رهيون، جن ۾ بولچند دولومل (١٩٠٩ع)، خانچند نانواڻي (١٩١٥ع)، جي. بي. آڏواڻي (١٩١٧ع)، سڄڻ سنگهہ فتح سنگهہ (١٩٢٢ع)، نانڪرام ڌرمداس ميرچنداڻي (١٩٢٨ع)، موهن لال جوتسنگهہ شاهاڻي (١٩٣٧ع)، آنند رام. ٽي. شهاڻي (١٩٤٢ع) ۽ ڊبليو. اي شاهاڻي (١٩٤٢ع) جون ڊڪشنريون اهميت جوڳيون آهن. انهن مان وري آنندرام. ٽي. شهاڻيءَ جي "سنڌي انگريزي لغت" اڄ تائين وري وري سنڌ ۽ هند ۾ ڇپجندي پئي اچي. پاڪستان جي قيام کان پوءِ سنڌ ۽ هند ۾ سنڌي- انگريزي، انگريزي- سنڌي لغتن سان گڏ هندي- انگريزي- سنڌي لغتون بہ ڇپيون آهن، جن ۾ ايم- ايڇ رامچندانيءَ ۽ اي ڊي لالواڻيءَ (١٩٥٢ع)، ميمڻ عبدالحسين (٥٩-١٩٥٧ع)، ديچند (١٩٦٢ع)، واسواڻيءَ ۽ پريداس (١٩٦٣ع)، ثناءُ الله شيخ (١٩٦٧ع)، ايم ايل خوبچندانيءَ (١٩٦٨ع)، غلام اصغر ونذير (١٩٧٢ع)، امان الله عباسيءَ (١٩٧٨ع)، سيد علي ڏني شاهہ (١٩٨٨ع) ۽ ٻين جون لغتون اچي وڃن ٿيون.

انگريزي- سنڌي لغتن کان سواءِ اردو سنڌي ۽ سنڌي اردو لغتن جي سلسلي ۾ ابن الياس سومري (٥١-١٩٥٠ع) ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان (٦٠- ١٩٥٩ع) جون لغتون اهم آهن. عربي سنڌي لغتن ۾ وري حاجي محمود خادم (١٩٧٥ع) ۽ غلام حسين جلباڻيءَ (٩- ١٩٨٨ع) جي لغتن کان سواءِ ڪيترين عربي سنڌي ۽ فارسي سنڌي قلمي لغتن جا نشان بہ ملن ٿا. علم طب جي سنڌي لغتن ۾ حڪيم پريداس (١٩٣٥ع)، حڪيم محمد جعفر انصاري (١٩٤٦ع) ۽ حڪيم نياز همايونيءَ (١٩٦٠ع) جون تيار ڪيل، سُوڏيل ۽ سنواريل لغتون اهميت جوڳيون آهن.

جيستائين نج سنڌي- سنڌي لغتن جو سوال آهي تہ ان ڏس ۾ سنڌ جي عظيم اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ ۽ تصحيح سان تيار ٿيل جامع سنڌي لغات (پنج جلد) انتهائي اهم آهي، جنهن جي اهميت، ١٩٤٠ع ۾ سائين جي ايم سيد محسوس ڪئي، جيڪو اُن وقت سنڌ جو وزير تعليم هو، ۽ جنهن "سنڌي ساهتيہ جو صلاحڪار بورڊ" قائم ڪرايو. اُن بورڊ عالمن جي هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي، جنهن ڪيترن سالن جي عرصي کان پوءِ صرف پهرين ٽن اکرن (الف- ب، ٻ، ٻ) تي ڪم ڪيو. ١٩٥١ع ۾ اُن بورڊ جي نئين سر تشڪيل "سنڌي ادبي بورڊ" جي نالي سان ڪئي وئي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ ۾ سنڌي لغت جو ڪم ٻيهر شروع ٿيو، جنهن ڪيترن نائب ايڊيٽرن ۽ تعلقي وار ڪارڪنن جي سهڪار سان ١٩٦٠ع کان ١٩٨٨ع تائين هن عظيم منصوبي کي تڪميل تي پهچايو. هن وقت ان کان وڏيڪ مستند سنڌي زبان جي ڪابہ جامع لغت موجود نہ آهي. ان کان سواءِ هن وقت تائين ڇپيل لغتن ۾ جي. شرٽ جي "اکر ڏاتو" (١٨٦٦ع)، جهمٽ مل نارومل جي "وٺتپتي ڪوش" (١٨٨٦ع)، پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي "غريب اللغات" (١٩٠٧ع) مرزا قليچ بيگ جون "لغات لطيفي" (١٩١٤ع) ۽ "لغات قديمي" (١٩٢٤ع)، عبدالڪريم سنديلي جي "تحقيق لغات سنڌي" (١٨٦٣ع)، "سچل لغت" (١٩٨٤ع) نجف علي شاهہ ڪمتر نقويءَ جي "ٻاروچي ٻولي" (١٩٨٤ع) ۽ ڊاڪٽر غلام قادر سومري جي "ٻٽن لفظن جي لغت" (١٩٩٦ع) اهم لغتون آهن. ان کان سواءِ سنڌي اصطلاحن ۽ پهاڪن جون ٻيهارو ڪن اهم لغتون پڻ هن وقت تائين ڇپجي چڪيون آهن.

بهرحال سنڌيءَ زبان ۾ لغت سازيءَ جو پهريون ۽ وڏو ڪارنامو "جامع سنڌي لغات" آهي، جيڪا سنڌي ادبي بورڊ پنجن جلدن ۾ ڇپائي پڌري ڪئي آهي، ۽ جنهن جو سهرو ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي سر تي آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جڏهن سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جو چيئرمن (٩٤- ١٩٩١ع) رهيو تہ هن سنڌي لغت بابت وڌيڪ تحقيق ۽ تاليف جو ڪم شروع ڪرايو، جنهن ۾ پهريون منصوبو "هڪ جِلدي مڪمل سنڌي لغت" جي تڪميل هئي؛ جيڪا ڊاڪٽر بلوچ، جون ١٩٩٧ع ۾ مڪمل ڪري، سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ کي ڇپائيءَ لاءِ ڏني. اُها لغت باوجود ڪجهہ اڻٽر سببن ۽ مالي مسئلن جي، ڇپائي پڌري ڪندي، اسان خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون.

سنڌي زبان ۾ هن وقت تائين ڇپيل مختلف لغتن جا تفصيل هيٺ ڏجن ٿا:

سنڌي انگريزي ۽ انگريزي سنڌي لغتون

١	ڊبليو. ايچ واٿن (Wathan):	"سنڌي زبان جي واڪبلري" :	١٨٣٦ع
٢	ڪئپٽن جارج اسٽيڪ:	"سنڌي زبان جي واڪيبلري" :	١٨٤٣ع
٣	ڪئپٽن جارج اسٽئڪ:	"انگريزي- سنڌي لغت" :	١٨٤٩ع
٤	ڪئپٽن جارج اسٽئڪ:	"سنڌي- انگريزي لغت" :	١٨٥٥ع
٥	لڪشمن وشنو پرنج پائي:	"انگريزي سنڌي لغت" :	١٨٦٨ع
٦	جي. شرٽ، آڌارام ۽ مرزا صادق علي:	"سنڌي- انگريزي لغت" :	١٨٧٩ع
٧	ڪوڙومل چندن مل کلناڻي:	"انگريزي- سنڌي لغت" :	١٩٠٤ع
٨	ٻولچند ڊولو مل:	"انگريزي- سنڌي ڊڪشنري"	١٩٠١-٩ع
٩	جي. بي آڏواڻي:	"پريميئر ڪنسائيز انگريزي- سنڌي ڊڪشنري"	١٩١٠ع
١٠	پرمانند ميوارام:	"سنڌي انگريزي لغت"	١٩١٠ع
١١	خانچند نانواڻي:	"انگريزي- سنڌي ڊڪشنري"	١٩١٥ع
١٢	سچن سنگهه فتح سنگهه:	"سنڌي انگريزي لغت"	١٩٢٢ع
١٣	چيتمل ڪوڙومل آڏواڻي:	"نامنڪلچر آف سنڌ ڪراپس"	١٩٢٥ع
١٤	نانڪرام ڌرم داس ميرچنداڻي:	"اسٽئنڊرڊ انگريزي سنڌي ڊڪشنري"	١٩٢٨ع
١٥	خانچند نانواڻي:	"انگريزي- سنڌي ڊڪشنري" (پاڪيٽ) سائيز	١٩٢٨ع
١٦	پرمانند ميوارام:	"انگريزي- سنڌي لغت"	١٩٣٣ع
	(هن جا نوان ڇاپا ساهتيه اڪيڊمي دهلي ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشوري ڇپايا آهن)		
١٧	موهن لال جوتسنگهه شاهاڻي:	A Hand Book of Sindhi idoms	١٩٣٧ع
١٨	آنند- ٽي شاهاڻي:	"سنڌي انگريزي لغت"	١٩٤٢ع
	(سنڌ ۽ هند ۾ هن جا اڄ تائين ڪيترا ڇاپا ڇپجندا رهيا آهن)		
١٩	ڊبليو. اي. شاهاڻي:	دي پاڪيٽ سائيز انگريزي- سنڌي ڊڪشنري	١٩٤٢ع
	(هن جو ٻيو ڇاپو ١٩٥٢ع ۽ ٽيون ١٩٥٧ع نڪتو هو)		
٢٠	ايم. ايچ. رامچنداڻي ۽ اي. ڊي لالواڻي:	"ويهين صديءَ جي انگريزي- سنڌي ڊڪشنري"	١٩٥٢ع
٢١	ميمڻ عبدالحسين:	"پاڪ نيشنل پاڪيٽ ڊڪشنري"	١٩٥٧ع
٢٢	غلام رسول شاهه:	"پاڪ نيشنل سنڌي انگريزي لغت"	١٩٥٧ع
٢٣	ميمڻ عبدالحسين:	"پاڪ ٽرپليٽ (انگريزي، سنڌي، اردو) ڊڪشنري"	١٩٥٩ع
٢٤	ديپچند:	"هندي،انگريزي-سنڌي ڊڪشنري" (انڊيا)	١٩٦٢ع
٢٥	واسواڻي ۽ پرياس:	"هندي- انگريزي ۽ سنڌي ڊڪشنري" (اجمير)	١٩٦٣ع
٢٦	ثناءُ الله شيخ:	"مهراڻ انگريزي سنڌي ڊڪشنري"	١٩٦٧ع
٢٧	محمد مُنير چنا:	"سنڌي انگريزي لغت"	١٩٦٧ع
٢٨	ايم- ايل خوبچنداڻي:	"جامع سنڌي انگريزي لغت"	١٩٦٨ع
	(دکن ڪاليج سنڌي لغت پروجيڪٽ)		
٢٩	غلام اصغر ونڌير:	"انگريزي سنڌي لغت"	١٩٧٢ع
٣٠	سيد غلام مصطفيٰ شاهه	"انگريزي سنڌي ڊڪشنري" (آفيس جي لکپڙهه لاءِ)	١٩٧٢ع
٣١	امان الله ايم عباسي:	"همدرد انگريزي ٽو سنڌي ڊڪشنري"	١٩٧٧ع
٣٢	امان الله عباسي:	"نيو سنڌي ٽو سنڌي اينڊ انگلش ڊڪشنري"	١٩٧٨ع

٣٣	ڊاڪٽر شمس الدين ٿنيو:	"جديد سائنٽيفڪ ڊڪشنري"	١٩٧٨ع
٣٤	سيد علي ڏنو شاھ:	"يادگار ڊڪشنري- انگريزي تہ انگريزي ۽ انگريزي تہ سنڌي"	١٩٨٧ع *
٣٥	ڊاڪٽر ايم اي قاضي	سائنٽيفڪ ڊڪشنري	١٩٨٨ع
			١٩٩١ع

سنڌي لغتون

١	جي شرٽ:	"اکر ڏاتو" (ٻيو ڇاپو: ١٨٩٣ع)	١٨٦٦ع
٢	جهمٽ مل نارومل واسناڻي:	"وٿيپتي ڪوش"	١٨٨٦ع
٣	پيرومل مهرچند آڏواڻي:	"غريب اللغات"	١٩٠٧ع
	(شاھ جي ٽن سُرن: ڪليان، يمن ڪلياڻ ۽	ڪنڀات جي معنيٰ)	
٤	مرزا قليچ بيگ:	لغات لطيفي	١٩١٤ع
٥	مرزا قليچ بيگ:	لغات قديمي	١٩٢٤ع
٦	ڊاڪٽر گربخشاڻي:	شرح لطيفي (سُر ڪلياڻ)	١٩٢٥ع
٧	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ:	جامع سنڌي لغات (جلد-١)	١٩٦٠ع
٨	تحقيق لغات سنڌي:	عبدالڪريم سنديلو	١٩٦٣ع
٩	سنڌي علمي لفظن جو ذخيرو:	شاھجهان قريشي	١٩٦٥ع
١٠	سنڌي زبان جي بنيادي لغت:	پيرحسام الدين راشدي، غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ محمد ابراهيم جويو	١٩٧٣ع
١١	لاڙ جي لغت:	ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو	١٩٧٥ع
١٢	سامي ڏاتو ڪوش:	عبدالڪريم سنديلو	١٩٧٨ع
١٣	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ:	جامع سنڌي لغات (جلد-٢)	١٩٨١ع
١٤	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ:	جامع سنڌي لغات (جلد-٣)	١٩٨٤ع
١٥	سچل لغت:	عبدالڪريم سنديلو	١٩٨٤ع
١٦	ٻاروچي ٻولي:	نجف علي شاھ ڪمتر نقوي	١٩٨٤ع
١٧	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ:	جامع سنڌي لغات (جلد-٤)	١٩٨٥ع
١٨	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ:	جامع سنڌي لغات (جلد-٥)	١٩٨٨ع
١٩	لغات سنڌي مخففات:	مخدوم محمد الزمان طالب المولیٰ	١٩٩١ع
٢٠	سنڌي ٻٽن لفظن جي لغت:	ڊاڪٽر غلام قادر سومرو	١٩٩٦ع

قلمي سنڌي لغتون

١	مولوي هدايت الله هالائي:	شاھ جي رسالي جي لغت (قلمي)	....
٢	مولوي علي محمد مهيري:	سنڌي لغت (قلمي)	١٩٢٠ع
٣	لالا هاسانند:	سنڌي لغت (قلمي)	١٩٤٧ع کان اڳ
٤	سهج رام:	سنڌي لغت (قلمي)	١٩٤٧ع کان اڳ
٥	خليفو ميرمحمد. ابن مرحوم گل محمد	مجمع زبانن جو راڳ، ڳڌائن جو ساڳ (قلمي)	١٩٤٠ع
٦	محمد بخش واصف:	سنڌي لغت (ٻهريان چار اکر) قلمي:	١٩٥٢ع کان اڳ
٧	ڊاڪٽر غلام قادر سومرو:	ساهتي لغت (قلمي)	
٨	مظهر خوجا:	لغت ڳنان (قلمي)	

---

* هن لغت جو ٽيون ۽ سنواريل ايڊيشن، تازو روشني پبليڪيشن، ڪنڊياري، ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

٩	ڊاڪٽر سيد صالح محمد شاهہ:	هاري لغت (قلمي)*	
١٠	....	لاڙي لغت (قلمي)*	
١١	....	ڏنڌي وار لغت (قلمي)*	

اردو سنڌي لغتون

١	ابن الياس سومرو	نئين اردو سنڌي لغت: (تصحيح: محمد بخش واصف)	١٩٥٠ع
٢	ابن الياس سومرو	اردو سنڌي لغت:	١٩٥١ع
٣	ڊاڪٽرنبي بخش بلوچ ۽ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان	سنڌي اردو لغت:	١٩٥٩ع
٤	ڊاڪٽرنبي بخش بلوچ ۽ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان	اردو سنڌي لغت	١٩٦٠ع

فارسي سنڌي لغتون

١	آخوند عبدالرحيم عباسي:	"جواهر لغات سنڌي اڪيچار" :	١٩٩٣ع
٢	عبدالغفور مفتون همايوني:	فرهنگ همايوني (قلمي)	
٣	فتح محمد. اي هالائي:	ڪشف الفيوض	

عربي سنڌي لغتون

١	محمد حماد الله السنڌي هاليجوي:	ال ياقوت والمرجان في شرح غريب القرآن	١٩٧٥ع
٢	حاجي محمود خادم:	محمود اللغات (قلمي)	
٣	غلام حسين جلباڻي:	عربي سنڌي لغت (٣ جلد)	٩٠- ١٩٨٨ع

علم طب جون سنڌي زبان ۾ لغتون

١	حڪيم پريداس:	مخزن الدويات:	١٩٣٥ع
٢	حڪيم محمد جعفر انصاري:	فرهنگ جعفري يا تحفة الدويات	١٩٣٦ع
٣	فرهنگ جعفري ٣ جلد:	نياز همايوني (حڪيم محمد جعفر جي تصنيف کي وڌائي سڌاري ۽ سنواري تيار ڪيو ويو)	١٩٦٠ع

پهاڪن ۽ اصطلاحن جا ڪتاب/ لغتون

١	گلشڪر:	ديوان ڪيولرام سلامتراء آڏواڻي	١٨٦٩ع
٢	سنڌي پهاڪا:	ديوان ڪوڙومل چندن مل کلناڻي	١٨٨٩ع
٣	A Hand book of Sindhi Proverbs	روچيرام گجومل ڪرپالاڻي	١٨٩٢ع
٤	سنڌي ٻوليءَ جي سونهن: (ورجسيون ۽ محاورا)	گهنشيام داس رامنداس پڳت (پڌعيدن)	١٩١٠ع
٥	پهاڪن جي حڪمت:	مرزا قليچ بيگ	١٩٢٥ع
٦	پهاڪن جي پيڙهہ	پيرومل مهرچند آڏواڻي	١٩٢٥ع
٧	گلقند (ٻاگو پهريون):	پيرومل مهرچند آڏواڻي	١٩٢٦ع
٨	گلقند (ٻاگو ٻيون)	پيرومل مهرچند آڏواڻي	١٩٢٨ع
٩	A Hand book of Sindhi idoms	موهن لال جوتسنگهہ شهاڻي	١٩٣٧ع

* آخري ٽئي لغتون، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري وٽ موجود آهن، جن جي ڇپائيءَ جو پروگرام آهي.

پهاڪن

١٠	سنڌي ڪنمتڙا: (عرف اصطلاحات اصغر)	غلام اصغر	١٩٥٦ع
١١	پهاڪن جي پاڙ:	عبدالڪريم سنديلو	١٩٦٦ع
١٢	پهاڪن جي پيڙهه:	الهه بخش ٽالپر	١٩٦٩ع
١٣	پهاڪن جي پاڇوڙ:	تيرٿداس پيسومل هاٿيراماڻي (بمبئي)	١٩٧٣ع
١٤	سنڌي اصطلاح (پاڱو پهريون):	ليکراج ڪشنچند عزيز (بمبئي)	١٩٧٦ع
١٥	سنڌي اصطلاح (پاڱو ٻيو)	ليکراج ڪشنچند عزيز (بمبئي)	١٩٧٨ع
١٦	ڏرن جي ڍيلي (پهاڪا ۽ چوڻيون)٢ پاڱا	سترامداس جڙياسنگهاڻي (احمد آباد)	١٩٨٢ع
١٧	ماڻڪ ۽ موتي (پاڱو پهريون): (ورجسيون ۽ محاورا)	سترامداس جڙياسنگهاڻي (احمد آباد)	١٩٨٢ع
١٨	ماڻڪ ۽ موتي (پاڱو ٻيون)	سترامداس جڙياسنگهاڻي (احمد آباد)	١٩٨٣ع
١٩	اصطلاحن جي اصليت:	عبدالڪريم سنديلو	١٩٨٧ع
٢٠	سنڌي پهاڪا ۽ محاورا:	سنتداس پنهومل ڪشناڻي: مرتب: مرليڌر جيٽلي	١٩٩٣ع

(جيٽلي صاحب هن ڪتاب تي تفصيلي مهاڳ لکيو آهي، جيڪو جدا ڪتابي صورت ۾ سنڌ ۾ روشني پبليڪيشن ڪنڊياري پاران ١٩٩٦ع ۾ ڇپيو آهي)

٢١	سنڌي ورجيسي ٻولي:	ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي	١٩٩٧ع

نوٽ: ان کان سواءِ هندستان جي مشهور لغت نويس، وشوناٿ دنڪرنروٽي (پوني) مان "پارتيه ڪهاوت ڪوش" نالي هندي- انگريزي پهاڪن جي لغت ٽن پاڱن ۾ ١٩٦٧ع، ١٩٧٩ع ۽ ١٩٨٣ع ۾ ڇپائي پڌري ڪئي آهي، جنهن ۾ ١٢٠٠ سنڌي پهاڪن جو معناٿون، انگريزيءَ ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جون لکيل شامل ڪيون ويون آهن.

٢٠ جولاءِ ١٩٩٨ع

تاج جويو
سيڪريٽري
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد، سنڌ

---

* هن مواد جي تياريءَ ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي 'جامع سنڌي لغات'، 'جواهر لغات اڪيچار سنڌي' ۽ "هڪ جلدي سنڌي لغات' جي مهاڳن، سنتداس پنهومل ڪشناڻيءَ جي ڪتاب "سنڌي پهاڪا ۽ محاورا" جي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ جي لکيل مهاڳ، مخدوم طالب المولىٰ جي تيار ڪيل "لغات سنڌي مخففات" جي ڊاڪٽر غلام علي الانا جي لکيل مهاڳ ۽ نئين زندگيءَ (مارچ ١٩٩٣ع) ۾ ڇپيل محبوب اختر پنهوَر جي "سنڌ ۾ لغت نويسيءَ جي مختصر تاريخ" مضمون مان مدد ورتي وئي آهي (ت. ج)

مهاڳ

سنڌي ۾ لغت سازي جو پهرين وڏو ڪارنامو "جامع سنڌي لغات" هو جيڪا سنڌي ادبي بورڊ طرفان پنجن جلدن ۾ شايع ٿي: پهريون جلد ١٩٦٠ع ۾ ڇپيو ۽ آخري پنجون جلد هڪ وڏي وقفي کان پوءِ سنہ ١٩٨٨ع ۾ شايع ٿيو. از بعد وڌيڪ ڪم ڪونہ ٿيو جيتوڻيڪ هن پهرين اشاعت جي ٻئي ايڊيشن لاءِ راقم طرفان تجويز ڏني وئي ۽ اها منظور ٿي.

لغت سازي هڪ مسلسل عمل آهي: ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لغت هڪ ڀيرو ٺاهي ڪانہ ڇڏبي پر وري وري ٺاهبي. اهو انهيءَ ڪري جو ڪنهن بہ ٻوليءَ جي جملي لفظن ۽ اصطلاحن کي فقط هڪ ئي ڪوشش سان سهيڙڻ مشڪل آهي: خاص طرح سنڌي ٻولي پنهنجي لغت جي سرمايي جي لحاظ سان ايڏي وڏي شاهوڪار ٻولي آهي جو ڪنهن پهرين ڇپيل لغت جا ڏهہ ٻيا ايڊيشن شايع ڪجن ۽ هر ايڊيشن ۾ رهجي ويل لفظن ۽ اصطلاحن جو اضافو ڪجي تہ بہ اڃان ڪي لفظ ۽ اصطلاح رهجي ويندا. ٻيو تہ علمي ۽ فني لحاظ سان بہ لغت جي پهرئين ايڊيشن کي سنوارڻو پوندو ۽ اها سُڌ سنوارَ هر ايڊيشن ۾ هلندي ايندي. ٽريو تہ هر زنده ٻوليءَ ۾ ڪجهہ عرصي بعد ڪي نوان لفظ ۽ اصطلاح رائج ٿين ٿا جن کي وقت جي معياري استعمال مطابق لغت جي هر نئين دور ۾ داخل ڪرڻو پوندو.

"جامع سنڌي لغات" جي تياري ۽ تڪميل هڪ جذبي ۽ جوش جو نتيجو هو. ان وقت سيني سڄاڻن کي وڏي عبرت وارو افسوس دامنگير هو تہ: 'مارا اڃان سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي سنڌي-مان-سنڌي لغت بہ موجود ڪانهي'!! جنوري ١٩٥٢ع ۾ جڏهن 'جامع سنڌي لغات' جي تياري جو ڪم شروع ڪيو ويو تہ ان کي گهٽ ۾ گهٽ وقت ۾ پوري ڪرڻ جو تاڪيد ٿيل هو، جنهن ڪري رات ڏينهن لڳاتار ڪوشش سان جامع لغات جو مسودو ٽن سالن جي مقرر عرصي اندر، ڊسمبر ١٩٥٤ع ۾ مڪمل ڪيو ويو. باوجود ان جي، ڪم مان هٿ ڪونہ ڪڍيو ويو ۽ مسودي کي وڌيڪ سنوارڻ جو ڪم هلندو آيو، ان وقت جي همت ۽ همت افزائي واري ماحول ۾ پڪي اميد هئي تہ هن پهرئين مسودي کي ايڊٽ ڪري ڇاپائڻ، توڙي ٻئي ايڊيشن لاءِ ڇپيل جلدن جي درستي ڪرڻ جو ڪم هلندو رهندو ۽ اهو راقم جي حوالي هوندو؛ پر باوجود ڪوشش جي اهو سلسلو ڪٽجي ويو.

١٩٩١ع- ١٩٩۴ع وارن سالن ۾ جڏهن "سنڌي لئنگويج اٿارٽي" جي چيرمين طور ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو تڏهن محسوس ٿيو تہ سنڌي لغت بابت تحقيق ۽ تاليف جو ڪم هڪ وڏي عرصي کان بند رهيو آهي ۽ ضروري آهي تہ ان کي شروع ڪجي. ان سلسلي ۾ ٽن چئن لغاتن جي تياري تي سوچيو ويو: (١) جامع سنڌي لغات تي مَبني هڪ جُلدي مڪمل سنڌي لغت؛ (٢) هڪ تفصيلي سنڌي- انگريزي ڊڪشنري؛ (٣) هڪ تفصيلي انگريزي- سنڌي ڊڪشنري ۽ (۴) هڪ اطلاعاتي صحافتي ڊڪشنري. عملي طور تي، 'انگريزي- سنڌي ڊڪشنري' جي رٿا تيار ڪئي وئي ۽ پڻ 'هڪ جلدي سنڌي لغت' جو ڪم هٿ ۾ کنيو ويو. تہ جيئن علمي ادبي ۽ تعليمي ضرورت جلد پوري ٿي سگهي. البت هن ڪم لاءِ گهربل چاٺو عملي توڙي خرچ جي ڪمي سببان، هڪ جدا آفيس قائم ڪرڻ بدران چيرمين جي حيثيت ۾ اهو ڪم مون پاڻ سنڀاليو تہ جيئن ٿورو ئي ٿورو ڪم، پر ٿيندو رهي، شيخ محمد اسماعيل جنهن کي اٿارٽيءَ جي ڪتابن کي ڇپائي جي مرحلي تي ڏسڻ ۽ پروفن پڙهڻ لاءِ مددگار طور مقرر ڪيو ويو هو تنهن کي وڏيڪ اها ذميداري سونپي وئي تہ جيڪو وقت بچي سو "هڪ جُلدي سنڌي لغت" جي ڪم ۾ لڳائي. ساڳئي وقت اهو اهتمام ڪيو ويو تہ جيڪو مواد جيئن ئي تيار ٿئي سو آفيس ۾ منهنجي نظر مان گذري ۽ ڪامپيوٽرن وارو عملو ان کي ڪمپوز ڪري تہ جيئن جيترو جلد ٿي سگهي اوترو پروف پڙهيا وڃن ۽ 'ٽريسنگ پيپر' ڪڍيا وڃن. انهيءَ رٿا ۽ احتياط سان، ڊسمبر ١٩٩٣ع تائين لغت جي ترتيب مطابق، الف- بي جي پهرين يارهن اکرن (ا ب ٻ ٻ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ۽ ج) وارن لفظن ۽ اصطلاحن جو مواد بنا ڪنهن وڌيڪ خرچ جي مرتب ڪري ڪمپوز ڪرڻ لاءِ ڪامپيوٽر عملي جي حوالي ڪيو ويو.

فيبروري ١٩٩۴ع ۾ چيرمين جي عهدي تان منهنجي سبڪدوش ٿيڻ سببان هن لغت جو ڪم في الحال بند ٿي ويو ۽ جون ١٩٩۴ع تائين بند رهيو. انهي ڪري اٿارٽي جي سربراه ڏانهن سفارش جو خط لکيو ويو تہ باقاعدي عملو مقرر ڪري هن ضروري ڪم کي پورو ڪرايو وڃي.

اٿارٽي کان مختصر جُز-وقتي عملي جي مقرري جي منظوري ملڻ تي، ١٦- جولاءِ ١٩٩۴ع کان هن لغت جو ڪم وري شروع ڪيو ويو. هن سڄي ڪم کي ٻن سالن ۾ پوري ڪرڻ جو پروگرام رٿيو ويو پر ڪن سببن جي ڪري وڌيڪ وقت لڳو. هڪ تہ اڳئين ٿيل ڪم

تي نظر ڪندي معلوم ٿيو تہ ڪامپيوٽر ۾ پريل يارهن اکرن واري مواد مان پنجن اکرن (ٽ ٺ ٿ پ ڄ) جو مواد اُڏامي ويو هو. انهيءَ رهيل ڪم ڪي نئين سر پوري ڪرڻ ۾ چار مهينا لڳي ويا؛ لغت جي مواد جي تصحيح ۽ ترتيب ڪان سواءِ، پروفن پڙهڻ تي ڪيل تخميني ڪان وڌيڪ وقت لڳو؛ جنهن تہ سڄو ڪم جُز- وقتي (پارٽ ٽائيم) عملي جي مدد سان ڪرڻو پيو انهيءَ ڪري لازمي طور گهڻو وقت لڳو. بهرحال ڪم باقاعدگيءَ سان مسلسل طور هلندو رهيو ۽ جون ۱۹۹۷ع جي خاتمي تي پورو ٿيو.

هن 'هڪ جُلدي سنڌي لغت' جي ترتيب ۽ تاليف جو بنياد انهن ساڳين اصولن تي رکيو ويو آهي جن جو تفصيل 'جامع سنڌي لغات' جلد پهرين جي مهاڳ ۾ ڏنو ويو آهي. خاص طرح هيٺيان اصول مدنظر رکيا ويا آهن.

- الف- بي جي تختي هيٺئين طور ساڳي 'جامع سنڌي لغات' واري قائم رکي وئي آهي:

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ج ڄ جهہ ڃ ڇ چ ح خ د ڌ ڏ
ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ
ڳ گهہ ڱ ل م ن ڻ و ھ ء ي

- هر اصولي لفظ کي ڪارن اکرن ۾ ڇپي ڪري رکيو ويو آهي ۽ ان بعد هيٺان ان سان لاڳاپيل اصطلاحن کي آندو ويو آهي.
- 'الف' هيٺ، اول مد (آ) سان شروع ٿيندڙ لفظ رکيا ويا آهن، ڇاڪاڻ تہ 'مد' کي 'الف' جي پويان 'الف' جي برابر تسليم ڪيو ويو آهي.
- معنيٰ هيٺ، زائد مترادف لفظن کي ڇڏي، مختصر طور تي معنيٰ کي واضح ڪندڙ لفظ لکيا ويا آهن. جيڪڏهن ڪنهن لفظ جون معنائون هڪ کان وڌيڪ آهن تہ دم (.) جي نشاني سان هڪ معنيٰ کي ٻي معنيٰ کان جدا ڪيو ويو آهي.
- مذڪر ۽ مونث لاءِ (ذ) ۽ (ث) نشانيون رکيون ويون آهن، پر 'واحد' ۽ 'جمع' جي وضاحت کي ڇڏيو ويو آهي.
- عام رائج ٻولي ۾ گهٽ استعمال ٿيندڙ دقيق علمي ادبي لفظ، طبي ۽ فني اصطلاح، قومن قبيلن شهرن جا نالا ۽ ٻيا اهڙا اسم خاص ڇڏيا ويا آهن.
- "جامع سنڌي لغات" واري ذخيري کي اختصار سان آندو ويو آهي، ۽ ڪي ٿورا نوان لفظ ۽ اصطلاح بہ شامل ڪيا ويا آهن.

سورهن

’جامع سنڌي لغات‘ جو مواد ٣٠٨٨ صفحن ۾ ڇپيل آهي ۽ هن ’هڪ جلدي سنڌي لغت‘ جو مواد ٧٣٤ صفحن ۾ سمايل آهي. ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ شامل لفظن ۽ اصطلاحن جو تعداد نوي کان ٽيانوي هزارن تائين آهي، ۽ هن مختصر ”هڪ جلدي سنڌي لغت“ ۾ ستاويهه هزار کن لفظ ۽ اصطلاح شامل آهن. ايندڙ ايڊيشن ۾ رهيل خامين کي ڪڍي خوبين کي وڌائي سگهجي ٿو. هن مرحلي تي خاص تسلي بخش ڳالهه اها آهي جو هن رٿا جي تڪميل سان ’هڪ جلدي سنڌي لغت‘ جو بنيادي خاڪو هڪ ماڊل طور قائم ٿي ويو جنهن جي روشني ۾ هر ايندڙ ايڊيشن جي تياري ۽ تڪميل ۾ آساني ٿيندي.

هن لغت جي ڪم لاءِ رکيل ’پارٽ ٽائم‘ عملي مان شيخ محمد اسماعيل منهنجي معاون طور ڪم ڪيو ۽ مختيار احمد بلوچ پروفن پڙهڻ ۾ مدد ڪئي. استاد محمد اسماعيل کي جس جڳائي جنهن هن ڪم لاءِ وڌيڪ وقت ڏنو، ۽ لفظن ۽ اصطلاحن کي ترتيب ڏيڻ جو ڪم خير خوبي سان نباهيو. لفظن جي چونڊ ۽ معنيٰ ۾ خامين لاءِ آءٌ پاڻ ذميدار آهيان.

آخر ۾ آءٌ سنڌي لئنگويج اٿارٽي جي سربراهن جو شڪرگذار آهيان جن منهنجي سبڪدوش ٿيڻ کان پوءِ به منهنجي صلاح قبول ڪئي ۽ هن لغت جي ڪم کي جاري رکڻ ۾ هرطرح تعاون ڪيو جو هي ضروري ڪم خير خوبيءَ سان پورو ٿيو.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
پروفيسر ايمرائيٽس ۽
پروفيسر علامه قاضي چيئر
سنڌ يونيورسٽي]

حيدرآباد- سنڌ
١٠- جولاءِ ١٩٩٧ع

الف

ا: ذ (ع) اُچار "الف". سنڌي، فارسي، عربي "الف– بي" جو پهريون اکر. ابجد موجب عدد هڪ.

آبُ: ذ (ف) پاڻي. اوزارن يا جواهرات کي ڏنل پاڻي. سون جواهرات جو اوجر. مانُ– عزت.

آباڻتو: ص. عزت وارو– ماناڻتو.

آبُ تابُ:ذ. شان شوڪت. ٺٺ ٺانگر. رعب تاب. چمڪو–رونق.

آب پاشي:ث. پوک کي پاڻي ڏيڻ جو عمل– ريج.

آب حيات:ذ. اهو پاڻي جنهن جي پيئڻ سان دائمي زندگي ملي.

آبدار:ذ. پاڻي وارو. پاڻي چڙهيل (هٿيار، اوزار). واهن جي پاڻي جي سنڀال ۽ ورهاست ڪندڙ انجنيري کاتي جو هڪ ملازم.

آبُ دائو: ذ.(آب و دانه) دائو پاڻي– چوڳو پاڻي.

آبدوز:ث. پاڻي هيٺ آيل. پاڻيءَ جي سطح کان هيٺ هلندڙ هڪ قسم جو بحري جهاز.

آبديدَه:ص. اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيل.

آبشارُ:ذ. پهاڙي نهر يا چشمي جو مٿانهين تان ڪرندڙ پاڻي.

آبڪاري:ذ. شراب ۽ ٻين نشيدار شين جي چوڪسي رکندڙ کاتو.

آبڪلاني:ث. درياءَن ۾ پاڻيءَ جو چاڙهه. پاڻي جي چاڙهه جي موسم (جولاءِ، آگسٽ وارا مهينا).

آب هوا: ث. پاڻي ۽ هوا جي گڏيل ڪيفيت. ڪنهن ملڪ يا شهر جي موسمي حالت.

آبي: ص، پاڻي جو. پاڻي وارو. پاڻي ۾ رهندڙ (جانور، پکي). تڏو (تاثير).

آبياري: ث. باغن يا پوکن کي پاڻي ڏيڻ جو ڪم– آبپاشي.

آبيانو: ذ. پوک لاءِ واهن مان کنيل پاڻيءَ تي مقرر ڍل.

آبادُ: ص (ف) سرسبز (پاڻي جي ڪري)– ساڻو. پاڻي، ساوڪ ۽ ماڻهن جي ڪري وسايل (ملڪ، شهر، علائقو، ٻَنِ)– وسندڙ. پوکيل.

آباد ٿيڻ: زمين جو پوک هيٺ اچڻ. شهر يا ڳوٺ جو وسڻ. سکيو آسودو ٿيڻ.

آبادگار: ص. زمين کي آباد ڪندڙ– پوک ڪندڙ. ڪڙمي– هاري.

آبادي: ث. پوک. وسندي واري جاءِ– بستي. آدمشماري.

آبادي ڪرڻ: (طنزيہ) ڪجهه نہ ڪرڻ.

آباء: ذ (ع) آبا– پِيُرَ. ابا ڏاڏا (عموماً "اجداد" سان گڏ ڪم ايندڙ لفظ).

آباء اجداد:ذ. ابا ڏاڏا. پيڙهي يا قوم جو بنياد وجهندڙ وڏا.

آبائي:ص. ابائو– موروثي– خانداني.

آبتَ، آبتَ: ث. ٻنيءَ باري يا ڪاٽيءَ جي ڪم ۾ هڪٻئي جي مددگاري– ونگار.

آبرُو: ث (ف) مُنهن جو پاڻي. مُنهن جي رونق. عزت– مانُ.

آبرو جهلڻ: (طنزيہ) بي عزتو ٿيڻ.

آبرو وڃائڻ: عزت وڃائڻ. ذليل ڪم ڪرڻ. بدپيشو اختيار ڪرڻ.

آبِري: ث. سنڌ جي قديم موسيقي جو هڪ سُر. شاه جي رسالي جو هڪ سُر.

آبڙي: ث. "ابڙا" قوم جي بستي.
آبِگيرُ: ذ. گهوڙن جي هڪ بيماري (جيڪا گهڻي پند ڪان پوءِ يڪدم دائي ڪارائڻ ۽ پاڻي پيارڻ مان ٿئي).
آبگينہَ: ذ (ف) شراب جو شيشو يا گلاس. آرسي- آئينو.
آبِنُوس: ذ (ف) وڻ جو هڪ قسم (جنهن جو ڪاٺ ڪارو، نهرو ۽ قيمتي ٿئي).
آبو: ذ. پاڻي گڏيل ڇڏي پنگ جو چُڪو. پنگ.
آپارَڻُ، آپارِڻُ: م. تعريف ڪري پڏائڻ- ڦُنڊائڻ. هُشِي ڏيڻ- ٿِيڪر ڏيڻ. همٿائڻ.
آپامُ: ذ (ع، آبهم) ننڍڙو ٻارُ (جنهن کي ڪا سمجهہ نہ هجي)- معصوم.
آپامَڻُ: م. ڦُنڊڻ- پَڏڻ. آڪڙڻ. آٽِرڻ.
آپُون: ذ. اڌ ڪچو ڪير وارو اَن. اَن جا ڪيرا سنگَ (ڪڻڪ، جوئر، ٻاجهري جا).
آتُ: ذ. اُبڙڪو. اوڪارو- اُلٽي.
آترِويلا: ث. لوچ پوچ- آنڌ مانڌ- بي آرامي.
آتش، آتِش: ث (ف، آتِش) باهہ- آگ. ڪاوڙ- ڇڙ. ساڙ (دل جو)- سوز. گرمي- حرارت. اُڄ.
آتش بازي: ث. باهہ جي راند. دارون ساڙڻ جو تماشو. بارود مان ٺهيل سامان (ڦٽاڪا وغيره).
آتش پَرَست: ص. باهہ جو پوڄاري- جوت جو پوڄاري. زردشتي مَت جو پوئلڳ- گبر.
آتشدانُ: ذ. گهر جي ويهڻ واري ڪمري ۾ باهہ ٻارڻ جو خاص کُڏڪو (جنهن مان دونهين جي نيڪال لاءِ بخارو ٺهيل هجي).
آتِش فِشان: ص. باهہ وَسائيندڙ . ٻرندڙ (جبل).
آتِشڪَده: ذ. پارسين جو عبادتگاهہ (جنهن ۾ باهہ سدائين ٻرندي رهي).
آتِشِي: ص. باهہ جو. باهہ وارو. باهہ جو اثر رکندڙ. جوشيلو. چيڙاڪ.
آتمُ: ذ (سن) روح. دِل- مَنُ. نفس. ذات. فهم. جان.
آتما: ث. آتم. روح جي بلند پروازي جي حالت. ضمير. نفس.
آتم ڪَهاڻِي، آتم ڪَٿا: ث. روحاني فلسفو. حياتي جو احوال- سوانح عمري.
آٽڻُ: ذ. گهر ۾ عورتن جو گڏجي سُٽ ڪتڻ جو هنڌ. آستانو.
آٽڻُ اُجهامڻ: ڪتڻ وارين جو ٽڙي پکڙي وڃڻ. محفل اُجڙي وڃڻ.
آٽو: ص. بيتاب- بيقرار. بيزار. ڪَڪَ- ماندو. لاچار- عاجز. ضررتمند- گهُرجائو. تڪڙو- اُبهرو.
آٿتُ: ذ. دلداري- دلاسو. ڏِڍ- سهارو.
آٿرَ: ذ (سن، آشتَر) گڏهہ جا ٽِرا. گڏهہ تي باربرداري يا سواريءَ لاءِ ٻڌل ٿيڙ.
آٿر ٻَڌائڻ: ٿيڙ ٻڌائڻ- سامان سميت ڪڏي ڇڏڻ.
آٿر پائڻ: ظ. ٻئي هَٿ ڇڏي (هلڻ)- بنا ڪنهن ٽيڪ جي (پنڌ ڪرڻ).
آٿِرَڻُ، آٿرڻُ: م. هلندي ٿاٻو کائڻ- ٿاٻڙڻ. ٿاٻو کائي ڪرڻ. وِچڙي ڪرڻ. آٿيڙا کائڻ.
آٿڻُ: ذ. هٿ ۾ موجود ٻاچُو مال (ڳهہ، رقم، مال وغيره). مُوڙي. ڏِڍ- ٽيڪ. پرجهلو. دلاسو- آٿتُ.
آٿاماٿا: ظ. آمهون سامهون ڏي وٺ- وهنوار.
آٿاماٿا ٿيڻ: برابر ٿيڻ (ليکي ۾)- وهنوار ٿيڻ.
آڄَڻُ: م. رِجڻ- ڳرڻ. رِجي ملي وڃڻ. وٽجي سٽجي وڃڻ.
آڄڻُ: م. ڳارڻ- پگهارڻ- رجائڻ (سون، چاندي يا ڪو

ڏاتو)، رڃائي صاف ڪرڻ.
آٺُ: ذ. ماني پچائڻ وقت پٽڙي ڳوهيل اٽي کي لوئڻ لاءِ سڪل اٽو- پليٿڻ.
آٽو، آنٽو: ذ. گهوڙي جي ڊوڙ جو هڪ چڪر- وراٽو.
آٽيرڻِ: ث. سٽ ويڙهڻ لاءِ ڪاٺ جي ڪِلي. ڪورڪي ڪم جو هڪ اوزار- نارِي.
آٽِرڃَڻُ، آٽِرڻُ: م. لڙاٽيل پاڻي ۾ مٽيءَ جو تر وٺڻ.
آثارُ: ذ (ع، واحد. اثر) اثر. نشانيون- اهڃاڻ. ويران بستي جا نشان.
آثار قديم: ذ. پراڻا يادگار. تاريخي واقعات جا اُجڙيل نشان.
آپُ: ض. پاڻ- خود. پنهنجي سر.
آپُ گهاتُ: ذ. پاڻ کي مارڻ- خودڪشي.
آپتِ، آپس: ث. پنهنجائي- عزازت- برادري.
آپدا: ث (سن) مٿان آيل مصيبت. آسماني آفت. مصيبت. عذاب.
آپريشَن: ث (انگ) علاج خاطر بدن جي عضون جي وڍ ٽڪ- جراحي.
آپو: ذ. پاڻ پڌو- خودي. انانيت. تڪبر.
آپي خانِي: ث. خود خيالي. خودمختاري. وڏائي.
آپي شاهِي: ث. پنهنجي بادشاهي. زوراوري- ڏاڍائي.
آپي ڪاه نڪرڻ: ماڻهپي مان نڪرڻ. هوش مان نڪرڻ. ڪاوڙ ۾ وهلور وڃڻ.
آجِرُ: ص (ع) اُجرت تي ڪم ڪندڙ. مزور.
آجِڪو: ذ (ف. آذوقه) ڇوٽو. روزي. روزانو قوت (جنهن ڪان سواءِ جيئرو رهي نه سگهجي). داڻو پاڻي.
آجائِي: ث. آزادي- نجات. واندڪائي- فرصت.
آجو: ص. آزاد- ڇُٽل. واندو- فارغ (ڪم مان).
آجِيان: ث (سن) ڪنهن جي اچڻ تي خوشي جو اظهار. مرحبا. خيرمقدم.
آجهاپُ، آجهاپو: ذ. آجهو. ٿوري ننڊ- جهوٽو. آرام.
آڇارِ: ظ. جهڙو- جيان- وانگر.
آچارُ: ذ. امين جو راجوڻي فيصلو. انصاف روءِ فيصلو- نياءُ. هَلي چَلِي- ريت رسم. آچر (ڏينهن). ساندائو.
آچارِي: ص (سن آچاريه) علم جي روشنائي وارو. سِکيا ڏيندڙ. مذهبي اصولن جو پابند. آچار ڪندڙ. فيصلو ڪندڙ.
آچامُ: ذ (ف. آماج) تِير ڇٽڻ جو نشان- هدف.
آچَرُ: ذ (سن. آدتيہ وار) هفتي جي ستن ڏينهن مان هڪ ڏينهن- آرتوار.
آڇَ: ث. صلاح- پيشڪش. وات ٽڪائي. اعلان. واڪُ.
آچاڙو: ذ. عيبات جو پاڇو. سمنڊ جي سخت ڇولي يا تيز وهڪرو.
آڇلائِڻُ، آڇُلائِڻُ: م. مٿاڇرو هلڪو ڌوئڻ (ٿانءُ، ڪپڙو). آگهارڻ (ٿانءُ). ڇاڇولڻ (ڪپڙو).
آڇَڻُ: م. ڪا شيءِ پيش ڪرڻ. ڪنهن شيءِ ڏيڻ جي صلاح هڻڻ. آڇ ڪرڻ.
آخِرُ، آخَرُ: ذ (ع) پڇاڙي- انت. ڇيهہ- ڇنگ. نيٺ.
آخِرَ دَمُ: ذ. پڇاڙي وارو پساه. موت جو وقت. پڇاڙي سودو. توڙ تائين.
آخِرَ زَمانُ: ذ. پڇاڙيءَ وارو زمانو. قيامت جي ويجهڙائي وارو وقت.
آخِرَ ظُهرُ: ث. پيهري نماز (جا جمعي نماز بعد "آخر ظهر" جي نيت سان پڙهجي).
آخِرڪار: ظ. آخرين طرح- نيٺ نڌان.
آخري، آخرين: ظ: سڀ کان پويون. نيٺ.

آخري وقت: ذ. حياتيءَ جو پڇاڙيءَ وارو وقت. سڪرات جو وقت. دنيا جو پويون زمانو- ڪلجگ.
آخِرَت: ث (ع) پڇاڙي- پڇاڙي (دنيا جي). قيامت. بيو جهان.
آخُوندُ: ذ (ف) ديني تعليم ڏيندڙ اُستاد (فقيه، مُلا). ابتدائي درجي وارو معلم.
آدِ: ث (سن) منڍ- آغاز- ابتدا. اصل. پهريون- بنيادي.
آدِ جُگادِ: ث. اصل زمانو. قديم زمانو.
آداب: ذ (ع. ادب جو جمع) چڱيون عادتون- اخلاق. ادب جو قاعدو ۽ سليقو. نياز نوڙت سان سلام- تعظيمون.
آدابَ: ذ (ع. عذاب) تڪليفون- اهنج- ايذاءَ- سُورَ.
آدَمُ: ذ (ع) پهريون ماڻهو (جنهن کان انسان ذات جي ابتدا ٿي). خليفه الله. ماڻهو- آدمي.
آدم خور: ذ. ماڻهو کائيندڙ (انسان، ديو، جانور).
آدم زاد: ذ. آدم جو ڄڻيل. آدم جو اولاد. بني نوع انسان.
آدمشماري: ث. هر ڏهين سال ملڪ جي ماڻهن جي ڳڻپ.
آدمي: ذ (ف) آدم زادو- ماڻهو- بشر- انسان.
آدميِت: ث (ع) ماڻهپو- انسانيت.
آديسُ: ذ (سن. آديش) گرو کي ڪيل شوق ۽ محبتا جو سلام. نمسڪار. جوڳين جو سلام.
آڌار : ذ. ٽيڪ- جهل. سهارو- ڏڍ.
آڌاڙُون: ذ. اڌ سال يعني چيٽ ۽ ڪتيءَ جي وچ وارو ٽيون فصل (جنهن ۾ گدرا، گوار، جوئر، وغيره ٿين).
آڌَرَ: ث. ٽيڪ- جهل. ڏڍ- سهارو. مان- آجيان.
آڌر ڀاءُ: ذ. آئي جي عزت. مرحبا- آجيان. ٽهل ٽڪور- خاطر مدارت.
آڏُوتي: ص دنيا کي ترڪ ڪندڙ- تارڪ. سنياسي فقير.
آڌي: ث. اڌ رات. اڌ رات جو وقت.
آڌي مانجهي: ث. اڌ رات ۽ منجهند. اوير سوير.
آڌيڙا: ذ. ڏڪا- ٿاڦا.
آڌيلو: ذ. اڌ- پئسو. اڌ- پئسي وارو اڳيون سڪو.
آڏ، آڏَ: ث. آڏو رکيل شيءِ يا آنڪ. رنڊڪ- آڙ. ڇت وغيره کي ٽيڪ لاءِ ڏنل ٿوڻي- جهل.
آڏارَڻُ، آڏارِڻُ: م. اوپارڻ. اڌو ڳابرو رڌڻ (گوشت وغيره)
آڏاڻو: ذ. ڪپڙي جي اُڻاوت جو ماڻڊاڻ.
آڏتُ: ذ (سن. آدتيه) سجُ- شمس.
آڏ ترڇو: ص. آڏو ٽيڏو- مٽاٺون ۽ پاسيرو.
آڏِڙِي: ث. آڏ- ٽيڪ- جهلَ. رنڊڪ. مَلهہ جو هڪ داءُ. بهانو- عذر.
آڏو: ص. ڏنگو- ٽيڙو- ڦڏو. اڳيان- سامهون. روبرو- مقابل.
آڏو اچڻ: سامهون اچڻ. رنڊڪ وجهڻ. مخالف ٿيڻ.
آڏو ٽيڏو، آڏو ڦڏو: ظ. ڏنگو ڦڏو- آسيرو پاسيرو. جهڙو تهڙو- معمولي.
آڏ وَڏائي: ث. حسبي نسبي يا خانداني فخر، ورثي ۾ مليل مرتبو- آڏ. اباڻي ڏاڏاڻي ريت.
آڏي پُڇا: ث. ڪورٽ ۾ شاهد کان سندس ڏنل بيان بابت قانوني پڇا- جرح.
آڏُوڪو: ص. ٿورو آلو- ٿورو پسيل. پوريءَ طرح نہ سُڪل (ڪاٺ، ڪپڙو).
آڍَ: ث. سور کان مهٽ واري مالش (جسم کي يا ڪنهن عضوي کي).

آڍِ سُوٽ: ث. جسم جي عضون کي آڍڻ ۽ تيل مکڻ. عضون جي مَهٽ سهٽ.

آڍِمکَ: ث. جسم جي عضون کي آڍڻ ۽ تيل مکڻ جي مهٽ سَهٽ.

آڍائِڻُ: م. مالش ڪرائڻ (بدن يا عضون کي). آڍَ سُوٽَ ڪرائڻ.

آڍَڻُ، آڍِڻُ: م. تيل سان بدن کي مَهٽ ڏيڻ- مالش ڪرڻ. مهٽ سهٽ ڪرڻ (ويم واري زال کي). هٽ هٽڻ (ڇڪيءَ کي).

آڍو: ص. وڏيءَ عمر وارو (سٺ ستر سالن کان مٿي چڙهيل)- ٻڍو- پوڙهو. ماڻهو جو نالو.

آڍو ٻُڍو، آڍڙو ٻُڍڙو: ص. گهٽو ڪراڙو- تمام پوڙهو.

آذُقو، آذُوقو: ذ (ف. آذُوقه) آجڪو- قوت. چوڳو- چُوڻو.

آرَ: ث (ف. آرَه) لوهي نوڪدار سُوئو (ڪاغذ، چمڙي وغيره ۾ سوراخ ڪرڻ لاءِ).

آرِ: ث. جيت جو هڪ قسم. برسات جي موسم ۾ وڻن ۾ آواز ڪندڙ تڏِ. ماڪيءَ جي ماناري واري ٽاري.

آرُ: ذ. وهڪري جي چوطرفي تيزي يا ڇِڪَ. درياه يا سمنڊ ۾ ڪُن پيدا ڪندڙ وهڪرو. درياه جو ڪُن. درياه جي تِکَ. لاڙو (دل جو). ڇِڪ- ڪشش. آڪيرَ. لاڏُ- هيج- چاهه.

آراڊو: ص (ع. علحده) الڳ- جدا. انوکو. نرالو.

آراڙِي: ث. اڻ منداڻتي جوئر (جيڪا فقط گاه طور پوکجي). آرهاڙي ڏٽ (سگر، پسي، پيرون). ميهن، چيڙن ۽ رييڙين جي ڪچرين جو ٻوڙ.

آراسته: ص (ف) سينگاريل. چانگيل. درست.

آرامُ: ذ (ف) جسماني آسايش واري حالت- فرحت. سک. تندرستي- صحت. فراغت- واندڪائي. ننڊ.

آرام پَسند، آرام طلب: ص. آرام چاهيندڙ. تڪليف يا جاکوڙ کان پڇندڙ. سست. ڪاهل.

آرام ڪُرسِي: ث. ٻانهُن واري وڏي ڪرسي (جنهن تي اٽوڪابرو ليٽي يا آرام سان ويهي سگهجي).

آرامگاه: ث. آرام جي جاءِ. ننڊ جو ڪمرو.

آرامي: ص. آرام ۾ پيل- ستل. بي فڪر- خوش.

آرائي: ث. گرمي سبب جسم تي نڪتل ننڍڙو ڇُلڻو.

آرائِيُون، آرائُون: ث. گرمي ۾ جسم تي نڪتل داڻا- پت.

آرائِي: ذ (سن) ٻاجيون پوکيندڙ. باغائي. هڪ ذات جو نالو.

آرائش، آرايِش: ث (ف) زيبائش- سينگار. ٺاهه ٺوهه- ٺيڪ ٺاڪ.

آرِتوارُ: ذ (سن. آدتيه وار) آچر ڏينهن.

آرِپارَ: ذ. سجائپ جا نشان. پارَ.

آرپارُ، آروپارُ: ظ. هِن پرَ ۾ هُن پر- هِن پار ۽ هُن پار. هِن ڪَپ ۽ هُن ڪپ. هڪ پاسي کان ٻئي پاسي تائين.

آرڊَرُ: ذ (انگ) حڪم- فرمان.

آرزُو: ث (ف) آس- اميد. سَڌَ- خواهش. دلي مراد.

آرزُو مَند: ص. اميدوار- خواهشمند.

آرس: ذ. بدن ۾ سُستيءَ واري حالت. سستي- ڪاهلي. ڪَرَ- لِڪّ.

آرسِي: ص. سست. ٽوٽي.

آرِسِي: ث. آئينو- ٽِڪَ.

آرسي ڏيکارڻ: اعمالن کان واقف ڪرڻ. ڪرتوت ظاهر ڪرڻ.

آرڱَ: ذ. ارڪان- لڇڻ.

آرماڙُ: ذ. بحري جنگي جهازن جو ميڙُ- بحري ٻيڙو.

آرَهُ: ذ (سن) پيلو. پوڙ واري ايراضي جو جهنگ. گدرن ۽ هندائن جي پوک. ٻاجهن ٻَکر جي پوک. جنگ جو ميدان. لڙائي.

آرو: ذ. آرُ- لاڙو. دل جو لاڙو- رجحان. پيار- قرب. لاڏ- انگل. درياء جي پاڻيءَ جو زور. ڪُکڙِ (يا ٻئي پکيءَ جي) آنن تي ويهڪ.

آرو پچائڻ، آرو ڪرڻ: آنن تي ويٺل پکي وانگر جهوڪ ٻڌي ويهڻ. گهر ۾ اندر گهڻو وقت ويهي رهڻ. انگل ڪرڻ- لاڙو رکڻ.

آرَهَڙُ: ذ. اونهارو.

آرِي: ث (ف. آره) ڪاراٺي- ننڍو ڪَرت.

آرِي: اسم خاص. "عالي" نالي جو سنڌي اچار. "آري جام"= پنهون، جو پيءُ. معزز بلوچ سردار.

آرِياڻِي: ث. معزز عورت. بيبي- سيدياڻي.

آرِيٺڙو، آرِيٺو: ذ. هڪ قسم جو وڻ ۽ ان جو ٻج (ٻج کي پيچي پاڻي ۾ چاچولجي ته صابڻ وانگر گجي ڪري، جنهن ۾ ريشمي ڪپڙا ڌوپن).

آڙَ: ث. اوٽ- اولو- پردو. ڍَڪُ. آجهو. آڏ- روڪ. وَجهه- ٻَنگُ.

آڙاهُ، آڙَهُ: ذ. باهه جو وڏو مَچُ. کُورو. (ص) تمام وڏو ۽ اونهو- اٿاهه.

آڙَنگُ: ذ. برسات کان اڳ هوا جي گُهٽَ. آٻس- ٻوسٽ. رگهَه.

آڙُو: ذ (ف. آلو) ميوي جو هڪ قسم. آلو بخارو.

آڙِي: ث. ڍانڍي پکي جو هڪ قسم- مرغابي.

آڙِيڪاپُ: ص. چالاڪ- هوشيار. اٽڪلي. حرفتي.

آزادُ: ص (ف) خود خيال- پنهنجي مرضي وارو. آجو چُٽل. کُليل. ڇڙواڳ. واندو. اڪيلو.

آزاد طبع: ص. خود خيال. پنهنجن خيالن جو بنا ڊپ جي اظهار ڪندڙ. بي پرواهه.

آزادِي: ث. خود خيالي. خودمختياري. ڇوٽڪارو- رهائي. فرصت- واندڪائي.

آزارُ: ذ (ف) تڪليف- اهنج. عذاب. ايذاء- سُور- درد. جنجال. بيماري.

آزارَهُ، آزارِهُ: م (ف. آزاريدن) تڪليف ڏيڻ. رنجائڻ. ڏکوئڻ. ستائڻ- تنگ ڪرڻ.

آزُرده: ص (ف) تڪليف ۾ مبتلا. ناخوش. ڏکويل. غمگين. اُداس- ملول. پريشان. ڪَڪِ- بيزار. آتو.

آسَ: ث (سن. آشَ، ف. آز) اُميد. خواهش- سَڌ.

آسَ اُميدَ: ث. اولاد ۽ ان جي شاديءَ جي مُراد. جيئري ئي مقصد جي تڪميل.

آسا: ث. (سن. آشا) آس- اميد. خواهش- تمنا. غرض- حاجت. هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

آسابَنڌُ: ص. جنهن تي اميد ٻڌل هجي. آسرو- آڌار. ڏِڍ- آٿت.

آسائِتو، آسائُو: ص. سِڪَ وارو- سڪايل. اميدوار. سيڪڙو.

آسانُ: ذ (ف. آسايش) آرام- سک. فرحت. ساهي.

آسامِي: ث (ع. آسماء جو جمع) نالي وارو شخص. شاهوڪار گهر. دولتمند فرد. مکيه ماڻهو.

آسانُ: ص (ف) سَولو- سهنجو- سوکو.

آسانِي: ث. سهنجائي- سَولائي- سهولت.

آسانگو: ذ. لاڳاپو- تعلق. سانگو- آسرو- ڀروسو. ڏِڍ. پيار- اُڪير.

آسائِشَ، آسايَش: ث (ف) آرام- راحت- سک. فرحت. ساهِي.

آسائش گاه: ث. آرام ڪرڻ جي جاءِ. ريسٽ هائوس.

آستِينَ: ث (ف) ٻانهَن- ٻازُو (پهراڻ، ڪوٽ، قميص

جو).

آسپاس، آسي پاسي: ظ. چوطرف- چوڌاري- اِردگرد. ويجهو.

آسرَ: ث. آس- اميد. آسرو.

آسروَند: ص. اميدوار- آسائتو.

آسرَ پوتا: ذ. هڪ ذات جو نالو. (ص) ٿلها دلاسا ڏيندڙ. ٻٽاڪي.

آسِرو: ذ. اُميد- آس. ڀروسَو. دلاسو. سهارو- ڏڍ.

آسري ۾ رکڻ: اجايو دلاسو ڏيڻ. دغا ڪرڻ.

آسمان: ذ (ف) آڪاس- اُڀ.

آسماني: ص. آسمان جو- سماوي. آسمان جهڙو- هلڪو نيرو (رنگ).

آسڻُ: ذ (سن آسَن) ويهڻ جي جاءِ- پاٿاري. فقيرائو تڪيو. "جوڳ" ۾ ويهڻ جو هڪ نمونو.

آسُودگي: ث (ف) خوشحالي. فرحت- راحت. سُڪون- دلجمعي.

آسُودو: ص (ف. آسوده) سُکيو- خوش. بي فڪر. خوشحال- هوندوارو. شاهوڪار.

آسيبُ: ذ (ف) صدمو- ڌڪُ. اهنج- تڪليف. آفت. جِنُ ڀُوت. لڳت جو حساب.

آسيب زَدَه: ص. جِنُ ڀوت جي اثرهيٺ- لڳت وارو.

آسيرو پاسِيرو: ظ. آڏو ڦڏو- ڏنگو ٽيڙو.

آسيرو پاسيرو ٿيڻ: ٻُت کي وٽڻ سٽڻ (ٿڪ يا ننڊ سبب). نٽ نٽاءَ ڪرڻ.

آسِيسَ: ث. دعا. راحت. سُک- آرام.

آشَ: ث (ف) ڀنڙي رَبُ- ڀڃَ. رَسُ.

آشِتي: ث (ف) صفائي- اَمُن. صلح- ناهہ.

آشُفتہَ: ص (ف) پريشان- حيران. عاشق- ديوانو.

آشڪار: ص (ف) ظاهر- چِٽو- نروار.

آشِڪارا: ذ (ف) "سچل" جو پارسي شعر ۾ تخلص.

آشِنا: ص (ف) دوست- يار. واقف- سُڃاڻو.

آشِنائي: ث. واقفيت- سڃاڻپ. جاڻ سڃاڻ. دوستي- ياري.

آشوبُ: ذ (ف) گوڙ- هُل- غوغاءُ. فتنو- فساد. غبار (دل جو). اوبر (اک جو).

آشوب چَشمُ: ذ. اکين اٿڻ جي بيماري.

آشيانُ، آشيانو: ذ (ف) آکيرو. گهرُ. آستانو.

آغا: ذ (ت) آقا- مالڪ. ڌڻي. سردار.

آغازُ: ذ (ف) مُنڍ- شروعات- ابتدا.

آغوشِ: ث (ف) جهولي- هَنج. ڀاڪُر.

آفات: ث (ع) آفتون- مصيبتون. تڪليفون.

آفات آرضي: ث. زمين جون مصيبتون (زلزلا. ڏڪار وغيره).

آفات سَماوي: ث. آسماني مصيبتون (برسات. ٻوڏ. ڪنوڻ وغيره). خدائي قهر.

آفاقُ: ذ (ع) حَدِنظر جتي زمين ۽ آسمان مليل نظر اچن- اُفق. ڪائنات- سنسار.

آفتَ: ث (ع) مصيبت. قهر. عذاب (بيماري يا ڏڪر وغيره). (ص) چالاڪ. ذهين. شرير.

آفت زَدَه: ص. مصيبت جو ماريل. زماني جو ستايل.

آفِتابُ: ذ (ف) سِجُ.

آفِرينَ: ث (ف) شاباس- جَسُ- تحسين.

آفِرين نامو: ذ. شاباس جو پروانو. سرڪاري خدمتن جي اعتراف جي سَنَدَ.

آفِيسَ: ث (انگ) سرڪاري لکپڙهہ جي جاءِ- دفتر.

آفيسَرُ: ذ. آفِيس سنڀاليندڙ عملدار- ڪامورو.

آفِيمُ: ذ. ڏوڏيءَ جو رَسُ- اَملُ.

آفِيمي: ص. آفيم واپرائيندڙ- اَملي. نشئي.

آقِرجَڻُ: م. گهڻي کائڻ ڪري پيٽ ڦوڪجڻ. پرتي ٿيڻ (پيٽ ۾).

آقِري: ث. پيٽ جي پرتي (گهڻي کاڌي سبب). بدهضمي. سِيٽَ- آڪڙ.

آقِڙي لاهڻ: سِيٽ لاهڻ- آڪڙ پچڻ. سيڪت ڏيڻ.

آقا: ذ (ت) مالڪ- ڌڻي. سردار. حاڪم. آغا.

آقائي نامدار: ذ. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي نالي سان گڏ تعظيمي الفاظ.

آقِي باقِي: ظ. رهيو کهيو. ويتر- هيڪاري.

آڪارو: ذ. آڪ جي وڻ جا تاندورا. اڪ جي تاندورن مان نهيل رَسو.

آڪاسُ: ذ (سن. آڪاش) آسمان- آڀ.

آڪاس واڻِي: ث. اِلهامُ. غيبي آواز.

آڪٽوبَرُ: ذ (انگ) عيسوي سال جو ڏهون مهينو.

آڪِرو: ص. مهانگو. وڏي اگهہ وارو. ڳَرو. ڪاوڙيل. تِکو- تيز (مزاج). چَڙهت ڪندڙ (واپار ۾). سرسي وارو. (ث. آڪِري).

آڪَڙَ: ث. سِيٽَ- ڦُوڪ. غرور- گهمنڊ. ڪاوڙ. ٽاڻ.

آڪَڙَ باز: ص. اجائي سيٽ ڏيکاريندڙ. ٿورڙي ڳهڻي تي ڪاوڙ ڪندڙ.

آڪَڙَ مُنو: ص. هر وقت ڪاوڙيل. سُوندَ مُنهون. وڏائي خور.

آڪِڙجَڻُ: م. سيٽجڻ- ڦُوڪجڻ. ڪاوڙ ڪرڻ. وڏائي ڪرڻ.

آڪُڙجَڻُ: م. سَندڪُڙجي پوڻ (پَند سبب). ڦٽ ڦرڙي ۾ سُورَ جي سُوٽَ ٿيڻ.

آڪِڙَڻُ: م. آڪڙ ڪرڻ- سيٽجڻ. وڏائي ڪرڻ. ڪاوڙ ڪرڻ. ڦُندڻ.

آڪُڙَڻُ: م. سُور يا ٿَڪ سبب بدن ونجي پوڻ- ڪُڙجي پوڻ. ڦٽ ڦرڙي وارو ماس سُڄڻ.

آڪو: ص. اڻ پڪل- ڪچو. پيلو (مٽيءَ جو ٿانءُ). ٽِل (ڪير). اڻ وڻندڙ. بانس ڪري ويل (گاهہ).

آڪَهِ: ث. ڪٽنب- ڪُڙم. گهر جا ڀاتي. گهراڻو.

آڪيڙو: ذ. وڪڙ- پيچ. زور پريو وَٽُ. اشڪنجو. رسي کي وٽ ڏيڻ لاءِ ڪاٺي.

آڪيڙا چاڙهڻ: وڪڙ چاڙهڻ. ڏوهاري جا عضوا ٻڌي رسي کي وٽ ڏيڻ.

آڪاڙُ: ذ. سنبت سال جو چوٿون مهينو.

آڪاڙو: ذ. ملهہ يا ڪُشتي راند جي جاءِ. ڪُڪڙن جي ويڙهہ جو دائرو.

آڪالِي: ث. ڳالهہ- ڪهاڻي.

آڪَڙَڻُ: م. آٽڙڻ- ٽاٻڙڻ.

آکَڻُ: م. چوڻ- ڪَهڻ. آچڻ. حڪم ڪرڻ.

آکيرو: ذ. واهيرو (پکيءَ جو)- آشيانو.

آگَ: ث. باهہ- آتش- جيرو. ساڙُ- ڪامَ. راند جو وارو. بازِي. راند ۾ جيت.

آگ لاهڻ: راند جو وارو چُڪائي ڏيڻ. ذمي ڪيل ڪم جهڙو تهڙو پورو ڪرڻ. ميار لاهڻ.

آگاهِ: ث (ف) سڄاڻپ (ڪنهن جاءِ. واقعي وغيره جي). ڄاڻِ. واقفيت- ڏيٺ.

آگاهِي: ث. اڳواٽ اطلاع- چِتاءُ. واقفيت. ڄاڻَ- معلومات.

آگاهُ: ص (ف) ڄاڻو- واقف.

آگبُوٽُ: ذ. باهہ جي زور تي هلندڙ پاڻي جو جهاز- دُخاني جهاز.

آگ گاڏي: ث. باهہ جي زور تي هلندڙ ريل گاڏي.

آگمُ: ذ. جهُڙ. مَلارُ. مينهوڳي. مِينهن کان اڳ هوا جي

ڳهٽ.

آڳو: ذ (ت. آقا، ف. آغا) آقا- ڌڻي- مالڪ.

آڳهي: ث (ف) معلومات. ڄاڻ. واقفيت.

آڳيا: ث (هہ) مڃتا. حڪم.

آڳَ: ث. آڳ- باهہ- جيرو.

آڳاٽو: ظ. اڳيون- اڳوڻو. قديم. گهڻو اڳ.

آڳاٽي: ظ. شروعاتي. اڳواٽ پوکيل (پوک).

آڳانجهو: ظ. تمام گهڻو- وڏيڪ.

آڳاڻو: ذ. پرجهلو- آڌار.

آڳت: ث. وصولي (رقم جي)- آمدني.

آڳڙ: ذ. آڳڻ- آڱند.

آڳڙيو، آڳڙيو: ص. لوهار (جيڪو لوهہ ٽپڻ وغيره جو ڪم باهہ تي ڪري).

آڳنڌ: ذ. گهر جي اڳ وارو کليل حصو- اڱڻ.

آڳو: ذ. چولي يا قميص جو اڳ وارو حصو.

آڳو پيڇو: ذ. چولي يا قميص جو اڳ ۽ پٺ وارو حصو. اڳ پُٺ- اڳياڙي پڇاڙي.

آڳو پيڇو سنڀالڻ: اڳ پوءِ ڄاچڻ- سوچ ويچار ڪرڻ. نفعو نقصان سنڀالڻ. ڪم جو نتيجو ڄاچڻ. دور انديشي ڪرڻ.

آڳو پيڇو ڪرڻ: اڳيان پويان هلڻ (خوشامد طور). خدمت ڪرڻ- چاڪري ڪرڻ.

آڳ واڳ: ث. سڀ اختيار.

آڳهہ: ذ. آڌار- وسيلو. واقف- ڄاڻو.

آڳيني: ث. سگري- ڪُل.

آڳيل: ث. بيڙيءَ جو اڳيون حصو.

آگهارڻ، آگهارڻ: م. تاڻيءَ ۾ پاڻي وجهي (ڌوئڻ لاءِ) ڇاڇولڻ- آڇلائڻ. ڪپڙو پاڻي ۾ وجهي ڇاڇولڻ (ميرُ ڪڍڻ لاءِ)- ڌوئڻ.

آڱر: ث. پنجن آڱرين مان ڪابہ هڪ آڱر. آڱر جي ويڪر جيتري ماپ.

آڱرين تي نچائڻ: ڪنهن ماڻهو کي پنهنجي مرضي موجب هلائڻ. جوڳي جُٽ ڪرڻ.

آڱر ڪرڻ: آڱر سان چُرچ ڪرڻ. ڪُچ ڪرڻ- آپارڻ. چيڙائڻ- ڇيڙڻ.

آڱر ڪڻڻ: آڱر سان ڏيکاري اشارو ڪرڻ. نالو وٺڻ- حرڪت ڪرڻ. انگشت نمائي ڪرڻ.

آڱر ويڙهو: ذ. آڱر تي ويڙهجي ويندڙ ڦرڙي.

آڱوٺو: ذ. هٿ يا پير جي نر آڱر- ٺينگو.

آڱوٺو ڏيکارڻ: جواب ڏيڻ- انڪار ڪرڻ.

آڱوٺي: ث. پير جي آڱوٺي جو ويڙهہ (ڇلو).

آلُ: ذ (ع) اولاد. نسل. گهر جا ڀاتي- ڪٽنب. ڪڙم قبيلو.

آل اولاد، آل عيال: ذ. ڪٽنب. خاندان. ٻار ٻچا.

آلِ رسول، آلِ نبي: ذ. نبي سڳوري جو اولاد (حضرت بيبي فاطمه جي نسل مان)- اهل بيت.

آلات: ذ (ع. آله جو جمع) اوزار. هٿيار.

آلاپُ: ذ. ورلاپُ- پارَ. درد واري دانهن. راڳ جو شروعاتي آواز- سُر جي ڇيڙ.

آلاپڻُ، آلاپڻُ: م. ڳالهائڻ. آواز ڪڍڻ. آواز کي هيٺ مٿي ڪرڻ (ڳائڻ ۾).

آلاڻ: ث. پوسل- نمي. پاڻي جو اثر.

آلائش، آلايش: ث (ف) ملاوت. گندگي- پليتي. رطوبت.

آل جال: ص. تمام گهڻو- ريل ڇيل. عام جام.

آلو: ث. درياءَ جي پاڻيءَ جي لاٽ (سرءُ ۾)- سانگهارو. ويرَ جي موٽَ (سمنڊ ۾).

آلو: ص. پُسيل- پِنل. آڊوڪو (ڪپڙو، ڪاٺ).

(ث.آلي).

آلو: ذ (ف) پٽاٽو.

آلو بخارا: ذ (ف) هڪ قسم جو ميوو.

آلو پولو: ص. ابوجهہ- سادو سودو (مزاج وارو)- ڀالو پولو. (ث. آلي پولي).

آلودو: ص (ف) مليل- ملاوت وارو. پسيل- ڀنل. لتڙيل. گندو- پليت. (ث. آلودي).

آلودگي: ث (ف) آلاڻ. گندگي. پليتائي.

آلوڙي: ث. ويايل (مينهن، ڍڳي، ٻڪري، رڍ). سوٽا- ڪير واري.

آلو نورُ: ص (ع. اعلي نورُ) ڏڏ- موڳو. صفا چٽ- ٻنهہ بيڪار.

آمادگي: ث (ف) رضامندي- تياري.

آماده: ص (ف) تيار- سنبريل- رضامند.

آماس: ث (ف) سوڄ- توٽر.

آماسجڻُ: م. سُڄڻ- توٽرجڻ.

آمد، آمدِ: ث (ف) اچڻ جي حالت. آمدني- اُپت. فطري طور خودبخود زبان تي ايندڙ شعر.

آمد رفت: ث. اچ وڃ. راه رسم.

آمدني: ث (ف) آمد. اُپت- پيدائش. ڪمائي.

آمدني روانگي: ث. اچ وڃ (واپاري مال جي).

آمرُ: ص (ع) آمرُ ڪندڙ. حاڪم. سياسي اصطلاح ۾ ڊڪٽيٽر.

آمريت: ث. حاڪميت. ڏاڍ ڏمر واري حڪومت.

آمرا: ذ. گدامري جون سايون ڦريون.

آمري: ث. گدامري جو وڻ ۽ ان جو ڦرُ.

آمنا وصدقنا: ذ (ع) اسان ايمان آندو ۽ اسان سچ ڄاتو. مڃيوسين.

آمنه: ذ (ع) نبي سڳوري جن جي والده جو نالو.

آمو: ذ. آنب.

آمهون سامهون: ظ. مُنهن مقابل- روبرو.

آميزش: ث (ف) ٻيءَ شيءَ جي ملاوت.

آمين: ف (ع) خدايا قبول ڪر. دعا جي آخر ۾ چوڻ جو لفظ.

آنًا فانًا: ظ (ع) وقت بہ وقت. بروقت- اُتي جو اُتي.

آنٽو: ذ. گهوڙي کي پنڌ ڏيڻ لاءِ توري مفاصلي ۾ ڏنل ورائو- آٽو.

آنجهاني: ص (ف) هُن جهان جو ساڪن- گذاري ويل.

آنجي: ث. ٽڙ. بانس يا ٽڙ جي چليل سنهي تيلي.

آندرو: ص. گاڏي يا هَر ۾ اندريون (ڏاند).

آنڊ: ث. اونداهي.

آنڌاري: ث. نار، گهاڻي يا گاڏيءَ ۾ ٻڌل وهٽ جي اکين تي ٻڌڻ جا ڪويا.

آنڊ ماند: ث. لوچ پوچ. چورا ڪورا. بيقراري.

آنڊو: ذ. انسان يا جانور جي پيٽ جو رودو.

آنڊا گجيون: ث. پيٽ جا اندريان عضوا. ويجها عزيز. اندر جا راز.

آنڊن ۾ هٿ وجهڻ: ڪنهن جي اولاد کي پٽ پاراتو ڪري، مائٽ کي آزارڻ. سگ جي گهُر ڪرڻ.

آنڊي جي ڄر: ث. اولاد جي باهہ- اولاد جي چڪ.

آنرُ: ص. اڻ ڪُٽيل (ڍڳو، گهوڙو)- سانُ.

آنڙو: ذ. ننڍي سرميدائي.

آنڙي: ث. اک جي ٽُري وٽ ٽيل آرائي جيتري ڳوڙهي يا ٿُلهو. ننڍي سرميدائي.

آنڪ: ث. پرت جو هڪ نمونو. ڪپڙي تي ڏاڳي جي زنجير.

آنڪڙو: ذ. لوهي ڪُنڊو- آنڪڙو.

آنڪڻ: م. نشان ڪرڻ. انگ هڻڻ.

آنڪو: ص. ڪچو (مٽيءَ جو ٺانءُ)- پيلو.

آنڪي: ٿ. محصول- سُنگ. ڍَل. ڏَنُ.

آنڪي پرڻ: ڏنُ ڏيڻ. آڻَ مڃڻ.

آنگاس: ذ. وڏو جهنڊو- عَلمُ (ص) ڊگهو (ماڻهو).

آنندُ: ذ. خوشي- سرهائي. آرامُ- فرحت. سک.

آنو: ذ. بيضو.

آنا ٻچا ڪرڻ: وڌڻ ويامڻ. دل من هڻڻ. پور پچائڻ.

آنهُ: ذ. کوهہ جي پرسان مال کي پاڻي پيارڻ لاءِ حوض- آواڙو.

آنٺو: ذ. هڪ پيرو ڪڙيل يا آباد ٽيل زمين (جنهن ۾ اڃان سُڌيا بيٺل هجن).

آني: ٿ. آنياري پلي جي پيٽاري ۾ پيل آنن جي ٿيلهي.

آنيارو: ذ. آنيءَ وارو (پلو).

آڻَ: ٿ. حڪمُ- آگيا. مڃتا- تابعداري. هار- شڪست. ٻوهي- قسم.

آڻڻُ: م. وٺي اچڻ. ڪٺي اچڻ. حاصل ڪرڻ.

آڻڻ ۽ چاڙهڻ: جيڪي ڪمائڻ سو سڀ خرچ ڪرڻ.

آوارُ: ص (ف. آواره) ڇڙيل- ڀڪڙيل. رولو- آواره.

آوارہ: ص (ف) رولو- ڀٽڪندڙ. بدچال.

آواره گردي: ٿ. اجايو رلڻ. بدچالي.

آواڙو: ذ. کوهہ جي پرسان مال جي پاڻي پيڻ لاءِ حوض- آنهہ.

آوازُ: ذ (ف) شيءِ جي ڀاڻ ۾ لڳڻ جو پڙلاءُ. گوڙ. ڪڙڪو. گونج. ڳالهاءُ. آلاپ. سڏ. پڪار. هڪل.

آواز اُٿارڻ: دانهن ڪرڻ. گهرَ ڪرڻ.

آواندو: ذ. هڪ ٻاري مان ٻئي ۾ پاڻي چاڙهڻ لاءِ ٻَني ۾ ڏنل ٽُڪو.

آوَتِ: ٿ. اچڻ جي حالت- آمد. آمدني. وصولي. ٻاهران مال جي آمد.

آوَتِ جاوَتِ: ٿ. اچ وڃ. آمدني روانگي.

آوَرُ: ذ. وَرُ- وَجههُ- وڪڙ.

آوَنگُ: ذ (ف) رد پچاءَ جو ڪوبہ ٺانءُ. ٺوٻي.

آوي: ٿ (ف. آوَه) سرن پچائڻ جو ڪُورو. ڀَٺي. ڪنيارن جي ٺانون پچائڻ جي نِهائين. آپدا- مصيبت.

آهہ: ٿ (ف. آه) ڏک يا سُور ۾ اندر مان نڪتل آواز. دانهن- فرياد. پِٽَ- بددعا. ٿڌو ساهہ.

آه زاري، آه و فغان: ٿ. روڄ راڙو. دانهن ڪوڪ.

آها!: ندا. عجب، خوشي يا ڏک جي اظهار لاءِ آواز (هاءِ هاءِ، واه واه، بلي بلي).

آهار: ظ. آڌار تي- آسري.

آهَتُ: ذ. ڪاسبي لاءِ بدل ساليانو بندان (جيڪو فصل لهڻ تي اَنَ جي صورت ۾ ڏجي).

آهَتو، آهَتي: ص. آهت وٺندڙ ڪاسبي (ڪنيار، واڍو، حجام وغيره).

آهَٽَ: ٿ. پيرن جو هلڪو کڙڪو. هلڻ جو هلڪو آواز.

آهر: ظ. موجب- پٽاندر.

آهَرَ: ٿ. مال جي کاڌي لاءِ کُونَر- آهُرو. مُوريءَ جو ٻج.

آهُرو، آهورو: ذ (ف. آخور) ڍورن جي چاري جو کُونَر- آهورو.

آهري: ٿ. آرسي- ٽِڪَ.

آهُري: ٿ. پٽائي گجرن جو آچار.

آهِستي: ظ (ف. آهستہ) ڌيري- هوريان.

آهِستي آهِستي: ظ. هوريان هوريان. رفتي رفتي- درجي بہ درجي.

آهستگي: ث (ف) ڌيرائي. ٿهر- تحمل.
آهنگ: ذ (ف) آواز. آلاپ. سُر. نغمو.
آهو: ذ. آسرو. هيجُ. قرب. لاڳاپو.
آهُو: ذ (ف) هرڻ- مِرگهه.
آهُوچشم: ذ. جنهن جون اکيون هرڻ جهڙيون هجن. وڏين اکين وارو- سهڻو. معشوق.
آهوڙ: ث. "پير" جي تلاش لاءِ آسپاس جاچ جوچ.
آهوڙ ڏيڻ: چور يا چوري ٿيل چوپائي جي وڃايل پيرن جو نشان ڳولڻ.
آهوڙڻ: م. گم ٿي ويل (چور، وهٽ جي) پير جي ڳولا ڪرڻ. جنڊ جي پُڙ ڪي کهرو ڪرڻ لاءِ ڇيڻيءَ سان ٽُڪڻ.
آهيرُ: ذ. ڌاريو مرد. مرد ماڻهو. مڙس.
آهيرو: ذ. ڪڪڙن يا پکين جي ويهڻ لاءِ ڪاني يا ڇتي- واهيرو.
آهيڙي: ص. شڪاري (جانورن جو)- صياد. گهٽ ذات.
آئڙڻ: م. وڻڻ- مناسب لڳڻ. پائڻ (دل ڪي).
آءُ: ض. آئون- مان. وڏائي- تڪبر.
آئيندو: ذ (ف. آينده) ايندڙ وقت- مستقبل.
آئيندي: ظ. ايندڙ وقت ۾- هن کان پوءِ. بيهر- وري.
آئوٽ: ص (انگ) راند ۾ هارائي ٻاهر نڪتل. پڌرو. شايع.
آئون: ص (س) ڏسو "آءُ". خودي. سوريءَ ۾ پيٽ مان نڪتل غلاظت- آنئون.
آئي: ث. ماءُ. ڏائي (ڪير پيارينڌڙ)- آيا. مصيبت- ٻوهو.
آئيءَ ويل: ث. ڏکئي وقت. ضرورت مهل.

آئينُ: ذ (ف) قانون- دستور.
آئين سازي: ث. قانون ناهڻ جو ڪم- دستور جوڙڻ جو عمل.
آئينو: ذ (ف. آئينه) آرسي- ٽڪ.
آئينو ڏيکارڻ: خسيس ماڻهو حد کان نڪري ته کيس سندس عيب ۽ اصليت ٻڌائڻ.
آيات: ث (ع. آيه جو جمع) آيتون (قران شريف جون). نشانيون (فطرت جون).
آيت: ث (ع. آيه) قران شريف جو هڪ جملو يا فقرو.
آيل: ث. ماءُ- آئي.
آيو: ف. رسيو- پهتو. مليو.
آيو ويو: ص. ايندڙ ويندڙ. مسافر. مهمان. (ث. آئي وئي).
آبُ: ذ (ع) آبو- پيءُ- بابو.
ابابيلُ: ذ (ع) پکيءَ جو هڪ قسم.
ابانا: ذ. پيءُ جي پُري وارا مائٽ- ڏاڏاڻا.
اباڻو: ص. ابي جو- پيءُ جو. ماڻٽاڻو- موروثي.
ابانا ڪڪ: ذ. پيءُ ڏاڏي جو گهر- ماڻٽاڻو گهر.
ابت: ث. ابتو پاسو- پُٺ.
ابتِ سبت: ث. مٿيون ۽ هيٺيون پاسو (ڪپڙي جو).
ابتدا: ث (ع) شروعات- آغاز. مُنڍ- مُهاڙ. اڳياڙي.
ابتدائي تعليم: ث. پرائمري تعليم.
ابترُ: ص (ع) وڃايل. بي اولاد. بي پهچ. نڪمو. ڪريل.
ابتري: ث. بيوسي. خرابي. تباهي- بربادي. زوال.
ابتڙ: ظ. ابتي طرح- الٽي نموني. برعڪس.
ابتو: ص. ابتڙ- الٽو. برعڪس. مخالف. مُنهن ڀر- اونڌو. (ث. ابتي).
ابتا ٽويا ڏيڻ: غلط طريقو هلڻ. اجايا ڪم ڪرڻ.

اجايو خرچ ڪرڻ.

أبتو تنگڻ: اونڌو لٽڪائڻ. سِڪت ڏيڻ. سخت سزا ڏيڻ.

أبتو سُبتو: ذ. اُلٽو سُلٽو. اُونڌو ابتو.

أبتي ڳلّ لاهڻ: توري قيمت جي عيوض تمام ڳري قيمت وصول ڪرڻ. تمام گهڻو نقصان پهچائڻ. تمام گهڻي جٽ ڪرڻ.

اَبجَد: ث (ع) ڳاڻيٽي جي ترتيب موجب عربي الف بي مان نهيل اٺ لفظ (ابجد، هُوَز، حُطِيّ، ڪَلمَن، سعفص، قرَشت، ثخذ، ضَظغ).

اَبَدُ: ذ (ع) اُهو وقت جنهن جي شروعات معلوم ناهي.

اَبدي: ص. شروعاتي. اول کان قائم رهندڙ. بقا وارو- فنا نہ ٿيندڙ.

اَبدالُ: ص (ع) خدا جي محبت ۾ دنيا کان پري رهندڙ- الله لوڪ.

اُبدالو: ذ. سٿڻ، پاجامي يا پڙي وغيره ۾ اڳٽ وجهڻ وارو پاڳو.

اَبرُ: ذ (ف) ڪڪر- بادل.

اَبرِ رَحمت: ذ. پاجهہ وارو ڪڪر (نبي سڳوري لاءِ چيو ويندو آهي).

اِبرَ: ث (ع. اِبره) سُئي.

اَبرَق، اَبرَڪُ: ذ (ف. اَبرڪ) هڪ قسم جي معدني پيدائش.

اَبروُ: ذ (ف) اک جي مٿان وارن جي ڪمان- ڀِروُن.

اَبريشَمُ: ذ (ف) ڪچو پَٽُ- ريشم.

اَبلَقُ: ذ (ع) اڇي ڪاري يا اڇي ڳاڙهي رنگ جي ڇٽن وارو گهوڙو.

اِبليسُ: ذ (ع) وڏو شيطان. لعنتي.

اِبنُ: ذ (ع) پُٽ- پسر.

اِبنُ الوَقت: ص. موقعو ڏسي هلندڙ. وقتي دوست. خودغرض.

اَبو: ذ (ع. اَب) پيءُ- بابو. شهر يا قوم جو وڏو. بزرگ. اڳواڻ.

اَبا ڏاڏا: ذ. وڏا (ڏاڏاڻي آکهہ جا). خاندان جا باني.

اَبو اَما: ذ. پيءُ ماءُ- والدين.

اَبوُ: ذ (ع) پيءُ- اَبو. نالي جي اڳيان اچي ڪُنيت پيدا ڪندڙ لفظ "ابوبڪر، ابو تراب وغيره".

اَبُو البشرُ: ذ. انسان ذات جو پيءُ (حضرت آدم عليہ السلام).

اَبُو بَحر: ذ. ڊگهي ڳالهہ- بڪواس. ٻَخِي- جَهڳي.

اِبهامُ: ذ (ع) شڪُ- گمان. ٻن معنائن وارو ڪلام.

اَبهَمُ: ص (ع) بي سمجهہ (ٻار)- معصوم.

اَبهَڻُ: م. اُٿڻ- ٻيهڻ. اُيرڻ. ٻچڻ- ڇُٽڻ.

اَبياتُ: ذ (ع. بيت جو جمع) بيتَ- شعر.

اَبيَضُ: ص (ع) اَڇو- سفيد.

اُٻَ: ث. پاڻيءَ جو ٻخار- ٻاڦَ. گرم پاڻيٺ جو هلڪو دونهون.

اُٻاڻجڻُ: م. گرمي ۾ ڪوماڻجڻ. لهسجڻ. دونهين ۾ ڪاراٽجڻ. ساهہ گهٽجڻ- ٻوساٽجڻ. جهڪو ٿيڻ (رنگ)- ڦِٽي وڃڻ.

اُٻاجهو: ص. بي رحم- بي قياس. (ضد. سَٻاجهو).

اُٻالائي: ث. گدلائي (جسم ۽ ڪپڙن جي). بدحالي- غريبي. اُيرائي.

اُٻالو: ص. ميرو (جسم ۽ ڪپڙن ۾). ايرو (مالي حالت ۾)- بدحال. غريب. (ث. اٻالي).

اُٻاڻڪائي: ث. اُداسائي- ويڳاڻائي. پريشاني- انتظار. اڪيلائي.

اُٻاڻڪو: ص. ويڳاڻو (سِڪَ ۾). اُداس- دلگير.

اَپتَ: ث. اوکارو- اپڙکو. ڳهتَ (ساهہ جي)- پوستُ.

اَپامِڙو: ص (ع. ابهَمُ) بي سمجهہ- معصوم (ٻار).

اُپامَڻُ: مہ. تهکو کائي مٿي چڙهڻ (پاڻي وغيره). تهکڻ- جوش کائڻ.

اَپرائِي: ث (سن. اَبَل) بي طاقتي- ڪمزوري، هيڻائي- ڏٻرائي.

اُپرَندو: ذ. سج اُپرڻ وارو طرف- اوڀر- مشرق.

اُپرَڻُ: مہ. سج چنڊ تارن جو اُپرندي طرف کان نڪرڻ. طلوع ٿيڻ.

اَپرو، اَپِرو: ص (سن. اَبَل) بي طاقت- هيڻو- ڪمزور. ڏٻرو- ضعيف. (ث. اَپري)

اَپروسَيرو: ص. هيڻو ڏاڍو- جهڙو تهڙو. (ث. اَپري سَيري).

اُپِڙَڻُ: مہ. ڦٽڻ (وڻ، پوک).

اُپَ ساهِي: ث. تَڪ سبب ٿيل سَهڪِي- اُماهي. تڪڙو ساهہ کڻڻ جي بيماري- دمڪشي.

اُپ ڪَپرو: ص. اُپي ڪپر وارو (واهہ، ڪڙيو)

اُپَ ڪَڙو: ص. اُپين ڪَڙين تي وينل- اوڪَڙُو. (ث. اُپڪڙِي)

اَپکَہُ: ص. نہ پڄندڙ- مضبوط.

اُپو: ص. بيٺل- کَڙو، اوچو. (ث. اُپي). (ذ) سنڌ جو اُتر وارو مٿيون پاڱو.

اُپو ٿيڻ: کڙو ٿيڻ. بيهڻ. اُٿڻُ. سامهون ٿيڻ.

اَپياسُ: ذ (سن) مطالعو- پڙهڻ. وري وري پڙهڻ- دَورُ. هِڪ ڏياڻائي.

اُپيَڻُ: مہ. بيهڻ.

اَت: ظ (سن) تمام گهڻو- بي انداز- حدکان زياده.

اَنتُ: ذ (سن. اَنت) انتها- پڇاڙي. اندر جو حال- ڳجهہ.

اُتارَڻُ: مہ (سن) هيٺ لاهڻ. لاهڻ. نقل ڪرڻ (عبارت).

اُتارو: ذ. لاهڻي. نقل (عبارت جو).

اَتالِيقُ: ذ (ترڪي) گهر ۾ پڙهائيندڙ اُستاد. اُستاد.

اَتانگهہُ: ص. جو ٿانگهي نہ سگهجي. اَٿاهہ- اُونهون.

اُتانهون: ظ. مٿانهون- بلند. اوچو- اعلىٰ. (ث. اُتانهين)

اُتاولائِي: ث. اُبهرائي. بي صبرائي.

اُتاوَلو: ص. اُبهرو- بي صبر.

اِتباع: ذ (ع) پيروي.

اُتِت: ث. اُسَ ۽ ڳهتَ- گرمي.

اِتحادُ: ذ (ع) ايڪو- ٻَڌي- اتفاق.

اُترُ: ذ (سن) شمال (طرف). اُتر جو واءُ. سنڌ جو جوابُ- وَرائي. شين جي مٿا سٿا ۾ ڏنل واڌو رقم.

اُترادي: ص. سنڌ جي اُترئين پاڱي جو وينل. اُتر جي (ٻولي).

اُتر قُطب: ذ. ڌرتي جي محور جو اُتر وارو خيالي نقطو.

اُترانُ: ذ (سن. اُترايَڻ) ۲۱. ڊسمبر جو ڏينهن (جيڪو اڌ سياري گذرڻ تي ملهايو ويجي. اهو ڏينهن ننڍي ۾ ننڍو ڏينهن ٿئي).

اُتَرندو: ظ. مٿيون. مٿان ٿي مٿان. اُتل وارو.

اُترَڻُ: مہ. لهڻ- هيٺ اچڻ. دل تان لهڻ- وسرڻ.

(اُتِڙو: ص. تڪڙو- جلد باز. اُبهرو. (ث. اُتِڙي).

اُتساهہُ: ذ (سن) دل جو ارادو- عزم. لاڳيتي ڪوشش. اُمنگ- چاهہ- شوق.

اِتصالُ: ذ (ع) ڳانڍاپو. ميلاپ. گڏجي وڃڻ جي حالت.

اِتّفاقُ: ذ (ع) ٻَڌي- ايڪو. صلح. اچتو واقعو.

حادثو. سانگو- سبب.

اِتفاقا: ظ. اوچتو- ناگهان- اتفاقي.

اِتفاق راءِ: ث. ٻڌراءِ- هڪ صلاح.

اُتمُ: ص (سن) سڀ کان مٿي- اُتانهون- اعليٰ. اوچو- عمدو. قيمتي.

اُتوني: ص. هڪ ٻئي مٿان چاول (ٻار). مڙ سَهوُ- حاسد.

آتورُ: ص. جنهن جو مَٽُ نہ هجي. بي مثل- لاثاني.

اِتهاسُ: ذ (سن) قصو. روايت. اڳين واقعن جو احوال- تاريخ. قديم سورمن جون ڪهاڻيون (مهابارت، رامائڻ وغيره).

اُتي: ظ. اُتهي هنڌ.

اُتي جو اُتي: ظ. تڏي تي. انهي وقت- امالڪ. تڙي ڪڙي.

اَتيتُ: ص (سن) تياڳي- تارڪ. سيو- ڪنگال. ضعيف- هيڻو.

اُتارَڻُ. اُتارڻُ: مـ. بيهارڻ- کڙو ڪرڻ. جاڳائڻ (ننڊ مان). چڙائڻ (سڪول). لڏائڻ. پرڻائڻ (نيائي). اُيارڻ (جذبا).

آتاهُ: ص. جنهن جي تَر جو انت لهي نہ سگهجي- اونهون- عميق. بيحد.

اُٿپَ: ث. اُٿڻ جو عمل. کڙائي.

اِتَرَڻ: مـ. تيز ڪاٺڻ- اُجل ڪاڻڻ. تِرڻ- هٽي وڃڻ.اکڙڻ (چوڙو)- لهڻ (ڪَڙي).

اُٿلَ: ث. پاڻيءَ جي وڏي لهر. ٻوڏ- سيلاب. پالوٽ. موٽ- واپسي.

اُٿل پُٿلَ: هيٺ مٿي ٿيڻ جو عمل. اُلٽ پلٽ.

اُٿل ڪاٿڻ: پوئتي موٽ کاڻڻ- موٽي اچڻ.

اُٿلائي: ث. اُٿلائڻ جو عمل. ورائي. دور- ڦيرو.

اِٿلائڻُ: مـ. هيٺيون پاسو مٿي يا مٿيون هيٺ ڪرڻ. اُبتو ڪرڻ. وَلڻ (زمين). ڏور ڪرڻ- ڦيرو ڏيڻ (ڪتاب کي). وري چوڻ (ڳالهہ). نيٺن سر هلائڻ (مقدمو).

اُٿلائڻ پٿلائڻ: هيٺ مٿي ڪرڻ. ابتو سبتو ڪرڻ. ڦيرائڻ گهيرائڻ. چڱيءَ طرح ڏسڻ يا استعمال ۾ آڻڻ.

اِٿلڻُ: مـ. ابتو ٿيڻ. اونڌو ٿيڻ. الٽ پلٽ ٿيڻ. ڪنارن تان وهڻ (پاڻي). ليٽڻ (ٿانءُ). موٽڻ (بيماري). وري اچڻ (ماڻهو).

اُٿڻُ: مـ. اُٿي بيهڻ- کڙو ٿيڻ- اُڀو ٿيڻ. جاڳڻ (ننڊ مان). سُڄڻ (اکيون). برخاست ٿيڻ (ڪچهري، ڪورٽ). ظاهر ٿيڻ (چِٽ).

اُٿڻ ويهڻ: اُٿ ويهہ ڪرڻ. اچ وڃ ڪرڻ (برادري ۾).(ذ) نشست برخاست. پيرِينڊ (مرٺي پرٺي جي واٽ).

اِٿي وڃڻ: هليو وڃڻ. ڇڏي وڃڻ (سڪول)- نڪري وڃڻ. مري وڃڻ- گذاري وڃڻ.

اِٿي ويٺي: ث. ٿورو گهٽو ڪم- معمولي ڪم ڪار. ڪم ڪار لاءِ اندر ٻاهر جي اچ وڃ. ٽهل ٽڪور- خدمت چاڪري.

اُتوڙڻُ: مـ. ڪُتل شيءِ کي لوڏي ٻاهر ڪڍڻ- اکوڙڻ.

اُٿو مَٿو: ذ. حد حساب. ڇيهہ دنگ. ٻِلو ٻيٺي.

اُٿو مٿو نہ هئڻ: تمام گهڻي انداز ۾ هئڻ. پرو پاند نہ هئڻ- ڇيهہ نہ هئڻ.

اُٿَ ويهہَ: ث. اُٿڻ ويهڻ جي حالت. بار بار اٿڻ ۽ ويهڻ جي سزا. ورزش. هلت چلت- رسم رواج. آنڌمانڌ- بي قراري. اڻ تڻ. تڪڙ.

اُٿيلُ: ص. جاڳيل (ننڊ مان). اُبريل (اکيون). بيٺل- کڙو ٿيل.

اِٽَ: ث. گڏهہ جي پوئين لت- پُستي.

اِٽوَن هڻڻ: موڙ ڏيڻ. ضد ڪرڻ. مستي ڪرڻ. اڙنگا ڪم ڪرڻ.

اٽالو: ذ. ڊير- ڊگ. سامان- ٽپڙ. گهڻا ماڻهو. عملو. ڪٽنب.

اٽٺُ: ص. نہ پڇندڙ- مضبوط.

اٽڪَ: ث. رنڊڪ- اَڙ. ٽيڪ- جَهل.

اٽڪارُ: ذ. ڇيڪار (اڪ ۾ ڪتر جو).

اٽڪاءُ: ذ. روڪ- رنڊڪ. پيچڪڙي. مداخلت (ملازمت ۾). بيجادست اندازي.

اٽڪائڻُ: م. اٽڪ وجهڻ-ڳنڍڻ. ڦاسائڻ (ڪم ۾). ڳنڍ ڏيڻ. ويڙهائڻ. لڙائڻ (اڪيون).

اٽڪَلَ: ث. رٿ- تجويز- صلاح. حڪمت عملي- رمز. ڪيڏ- چالاڪي- حرفت. ٽَڪ- تخمينو- اندازو.

اٽڪل بازي: ث. چالاڪي. حڪمت عملي. ڪيڏ.

اٽڪل رُوءِ: ظ. اندازا- ٽلهي ليکي- لڳ ڀڳ.

اٽڪَلي: ص. اٽڪل باز- حرفتي. چالاڪ. سياڻو.

اٽڪَڻُ: م. وچڙڻ- ڦاسڻ. رنڊجڻ- اَڙجڻ. هبڪڻ (ڳالهائڻ ۾). ڳنڍجڻ- وڙهڻ.

اٽلُ: ص. اڻ چُرندڙ. نہ هٽندڙ (ارادي تان). پختو- مضبوط. محڪم.

اٽلَ: ث. تور ۾ وزن جي هڪ پاسي سرسي. هڪ پاسي اُٽل- لاڙو.

اِٽلندو. اُٽلو: ظ. اُبتو- برعڪس. مرڳو- ماڳهين.

اٽُ مَٽُ. اٽومَٽ: ظ. برابر (وزن. زور. وهنوار ۾).

اِٽلو: ذ. پاڻي پيئڻ وقت ٿورو پاڻي ساهه واري نليءَ ۾ وڃڻ سبب ٿيل کنگهہ.

اٽو: ذ. پيٺل اناج (ڪڻڪ. چانور. ٻاجهري. جوئر. مڪائي). ڪنهن بہ شيءِ جو پيٺل ٻورو. چُورو.

اٽو اٽو ڪرڻ: گهوڙا گهوڙا ڪرڻ. پنهنجي هٿان ٿيل نقصان تي دانهون ڪرڻ. پڇتائڻ.

اٽو خراب ٿيڻ: برا حال ٿيڻ. رُلي خوار خراب ٿيڻ.

اٽي تي چٽي: ص. بيڪار ماڻهو (جو رڳو مفت جي ماني کائي)- مانيءَ ٽوڙ.

اٽي ۾ لُوڻُ: ظ. تمام ٿورو- قليل. گهٽ فائدو.

اُٽو: ص. گوڏن تي هٿ رکي ڌوندڙو تي بيٺل- ٿورو.

اُٽوڙِجَڻُ: م. نڙيءَ ۾ پاڻي ڦاسڻ سبب اُٽو اچڻ.

اٽهَ پٽهہ: ظ. هڪ ٻئي مٿان ڏٽيل- پرپور نموني ۾ (ڪاٺو).

اِٽي: ث. "اِٽي ڏڪر" راند جي گِلي.

اِٽي ڏڪَرُ: ذ. "گِلي ڏڪر" راند.

اٺَ: ص. هڪ عدد (٨). چوپڙ راند ۾ اٺ خانا ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ ڪوڏين جو هڪ داءُ.

اٺَ سَلو: ذ. ڪنولو (جنهن جي پاون ۾ اٺ سل ٿين).

اُٺُ: ذ. ڇانگو- ڏاگهو- ڪَرهو- شتر. (ث. اُٺِ. اُٺِي). (ص) اجايو ڊگهو- بيوقوف.

اُٺ پيرُ ناهڻ: گيسي ڪرڻ. بان ڪرڻ. آڻ ميڻ.

اٺارو عالمُ: ذ. ارڙهن هزار قسم جي مخلوقات واري ڪائنات- سڄي دنيا.

اٺاسُ: ذ. اٺن جريبن يا اٺن ايڪڙن وارو زمين ٽُڪر. جنڊيءَ ۾ هڪ قسم جو گُل.

اٺاگِيرُ: ص. ڳنڍيچوڙ. هلندي هلندي ڪا چيز ڪٽي يا کسي ڀڄي ويندڙ چور. ٺڳي- ٺڪي- ٺڙي.

اُٺاءُ: ذ. چاڙهہ- هُشي- ٽِيڪرَ. وڏاءُ- مبالغو.

اُٺ پکِي: ذ. شتر مرغ.

اٺڙيو: ص. اٺين مهيني ڄاول (ٻار). هوشيار- چالاڪ.

اٺسِٺو: ذ. اٺن ڪاٺين (چار ٽوٽيون ۽ چار ڪايا) مان ٺهيل عارضي ڇپر. ويچار. انديشو- انومان.

اُلو: ذ. وَٺل مينهن- برسات.

اُٿورُ: ص. اَٺن سالن جو (گهوڙو، جيڪو جوان ۽ نهايت سرڪش هجي). لُچ گُرو بدمعاش.

اثاثو: ذ (ع) سامان- ٽپڙ، مُوڙي- ڪُل مال ملڪيت.

اثباتُ: ذ (ع) ثابتي، شاهدي، دعوي، اقرار، بقاء ("نفي" جو ضد). الله تعاليٰ جي هستيءَ جو اقرار .

اثرُ: ذ (ع) تاثير، نتيجو- ردعمل، خاصيت- گڻ. حساس، اُهڃاڻ.

اثرائتو: ص. اثر وارو، فائدي وارو- ڪارائتو.

اثنا عَشَري: ذ (ع) ٻارهن امامن سڳورن کي مڃيندڙ شيعن جو هڪ فرقو.

اڄارُ: ظ. جنهن کي ڇيهه نه هجي- بيحد، بيشمار.

اڄاهَجُ: ص. بي پهچ، هيڻو، معذور (لُولهو لنگڙو وغيره). محتاج، مسڪين.

اڄاهڪ، اڄاهَڪي: ظ. بنا ارادي جي- اوچتو- اتفاقي.

اُپاءُ: ذ. حيلو- تدبير، ٻِلو- تدارڪ، رٿ، تجويز.

اُپائڻُ: م خلقڻ، پيدا ڪرڻ، ڪمائڻ (پئسو). هٿن سان پاڻي ڪڍڻ.

اُپائڻهارُ: ص. پيدا ڪندڙ، خالق، ذاتِ تعاليٰ (جنهن کي اُپائڻ جي سگهه آهي).

اُپَيٽُ: ذ. اُهو خشڪيءَ جو ڀاڱو جنهن کي ٽن پاسن کان پاڻي ۽ چوٿون پاسو خشڪي سان ڳنڍيل هجي.

اُپِّ ڀاشا: ث (سن) مکيه ٻوليءَ جي شاخ.

اُپَّ ڀَرنش: ث (سن) معيار کان ڪِريل ٻولي- بگڙيل ٻولي (جيڪا ادبي ڪارج ۾ نه اچي).

اُپَتِ: ث. پيدائش- پيداوار، ڪمائي، آمدني- حاصلات، فائدو.

اُپٽارَ: ث. پڌرائي، پچار- ذڪر، سُٽَس- ڀاڱُورَ، تفصيل- وضاحت.

اُپٽارَڻُ، اُپٽارڻُ: م. ذڪر ڪرڻ- پچارڻ، کولڻ (راز)، ڳالهه کولڻ يا پڌري ڪرڻ.

اُپٽَڻُ: م. پٽڻ- کولڻ، ظاهر ڪرڻ.

اُپجَڻُ: م. پيدا ٿيڻ- خلقجڻ، سرجڻ، اُپڙڻ (سَلو).

اپڇرَ، اپڇرا: ث (سن. اپسرا) پَري، تمام سهڻي عورت، حُورَ.

اَپڙ: ظ. جهجهو- گهڻو، تمام گهڻو.

اُپراسو: ذ. اُپت مان نفعو- ڪٽيو، فائدو- لاڀُ. آمدني- ڪمائي.

اَپريلُ: ذ (انگ) عيسوي سال جو چوٿون مهينو.

اُپڙَڻُ: م. مٿي ٿيڻ- ڪڄڻ، اُسرڻ (مٿي)، غالب پوڻ- حاوي ٿيڻ، بهتر ٿيڻ- سڌارو اچڻ (طبيعت ۾).

اُپسَمُنڊُ: ذ. سمنڊ جو اهو ڀاڱو جنهن کي ٽن پاسن کان زمين هجي ۽ چوٿون پاسو پاڻي سان ڳنڍيل هجي.

اُپگرَهُ: ذ. وڏي گرهه جي چوڌاري گردش ڪندڙ گرهه (جيئن ڌرتيءَ جو اُپگرهه چنڊ آهي).

اَپليو: ص. اڻ پليو- اڻ جَهل.

اَپمانُ: ذ (سن) بي عزتي.

اَپهچُ: ص. بي پهچ، بيوس، هيڻو، ڪمزور.

اَپهَڪُ، اَپهَڪي: ظ. اوچتو- اُمالڪ- اتفاقي.

اُپيٽو: ص. وچ يا پيٽُ اُپريل- گول ۽ چپٽرو (شيشو، عينڪ ۾ ڪم ايندڙ).

اَپيري: ث. خراب واٽ- اوجهڙ (جنهن ۾ ڪنهن پير نه پاتو هجي).

اَپيلَ: ث (انگ) هيٺينءَ ڪورٽ جي فيصلي خلاف مٿينءَ ڪورٽ ۾ ڪيل پُڪارَ.

اجابَتَ: ث (ع) قبوليت- منظوري، پاخانو اچڻ.

اُجارَڻُ، اُجارڻُ: م. ڪَٽُ ڪڍي صاف ڪرڻ (ڳهه، هٿيار)- پالش ڪرڻ، صيقل ڪرڻ (هٿيار)، اُجارڻ

(گهر). اوجر ڏيڻ- چلڪائڻ. روشن ڪرڻ (ناڻو). سينگاري دفن ڪرڻ (لاش).

اِجارو: ذ (ع. اِجاره) محصول- ناڪو. محصول اُگاڙڻ جو ٺيڪو.

اِجاريدارُ: ص. ٺيڪيدار- مقاطعي دار.

اُجاڙَ: ث. ويراني- سُڃَ- بربادي.

اُجاڙُ: ص. برباد- ويران- غيرآباد.

اُجاڙڻ: مر. ويران ڪرڻ. برباد ڪرڻ. سُڃ ڪرڻ (وسنءِ، ملڪ).

اِجازَتَ: ث (ع) موڪل- منظوري. هُدو (مرشد يا اُستاد کان مليل).

اَجايو: ص. بيجا- بي موقعي. غيرضروري. ڪنهن نہ ڪم جو. هرويرو- خواهہ مخواه. (ث. اجائي).

اِجتِماعُ: ذ (ع) مَيڙُ- مجموعو (گهڻن ماڻهن جو).

اِجتِماعي: ص. سڀني جماعت سان تعلق رکندڙ- مجموعي. سماجي. گڏيل.

اِجتِنابُ: ذ (ع) پاسو ڪرڻ- پري رهڻ. پرهيز.

اِجتِهادُ: ذ (ع) ڪوشش- جُهد. حديث مان پنهنجي علم موجب فقه جو نئون نُڪتو يا اصول پيدا ڪرڻ.

اَجُرُ: ذ (ع. اَجر) عوض. ڦل. جزا. ثواب.

اِجراءِ: ذ (ع) جاري ڪرڻ. تعميل- بجاوري.

اَجرامُ: ذ (ع. جِرمُ جو جمع) سَيارا- گِرهَہ.

اَجرامِ سَماوي: ذ. آسماني جسم (گِرهہ، سيارا وغيره).

اُجرَتَ: ث (ع. اُجره) عيوض. محنتاڻو. مزوري. قيمت.

اَجرَڪَ: ث. (ع. اَزرَق) هڪ قسم جي رڱيل ۽ ڇُپيل چادر، جيڪا فقط سنڌ ۾ ٺهي ۽ استعمال ٿئي (قسم: ڪَڪر، ڏبلي، ڪارڪ وغيره).

اُجرڻ: مر. ڪَٽُ ۽ ميل کان صاف ٿيڻ. چمڪڻ.

اُجرو: ص. صاف. اُوجل. چمڪندڙ. روشن.

اُجڙُ: ص. برباد- ويران. سُڃو- غيرآباد.

اُجڙڻ: مر. ويران ٿيڻ- برباد ٿيڻ- سُڃ ٿيڻ.

اُجڙَ والُ: ص. ٻڪرار. مالوند.

اُجڪو: ص. ويران- سُڃو (پنڌ، علائقو). اڻانگو- اوجهڙ وارو.

اُجگَرُ: ذ (سن) ٻَڪر ڳِهي ويندڙ نانگ- اَرڙ نانگ. (ص) تمام وڏو.

اَجَلُ: ذ (ع) مقرر ٿيل مُدو. ڪَتِي- قضا- موت.

اِجلاسُ: ذ (ع) ميٽنگ. جلسو. اجتماع جي نشست.

اِجلِس: ذ (ع) ويهڪ- بيٺڪ.

اِجماعُ: ذ (ع) ماڻهن جو ميڙ- هجوم. اتفاق راءِ. ٻَڌي. ڪنهن شرعي مسئلي تي مجتهدن جو اتفاق.

اِجمالُ: ذ (ع) مختصر بيان- اختصار.

اَجنَبِي: ص (ع) پرڏيهي- پرديسي. ڌاريو- اوپرو- اوڦٽو. اڻ واقف. بيگانو.

اَجنَبِيَتِ: ث (ع) ڌاريائي. بيگانائي.

اُجُورو: ذ (ع. اُجوره) عيوضو- بدلو. اُجرت- محنتاڻو. ڦَلُ- اَجُر. ثواب.

اَجوکو: ص. بي جوکو. محفوظ- سوگهو. (ث. اَجوکي).

اَجوڳُ، اَجوڳو: ص. اڻ سهائيندڙ- نامناسب- غيرواجبي.

اَجيِتڙو: ص. ننڍڙو (ٻار). ضعيف- هيٺو.

اَجُ: ظ (س. اَديہ) اڄوڪو ڏينهن- اِمروز.

اَجُ سُياڻ، اَجُ سُياڻي: ظ. اڄوڪي ۽ سڀاڻي واري ڏينهن. ڏينهن ٻن ۾. جلدئي- سگهوئي.

اَجُ سُياڻي ڪرڻ: ڪوڙا دلاسا ڏيڻ.بهانا ڪرڻ.

نڻائڻ.

اَڄ ڪَلهه: ظ. هلندڙ وقت ۾- موجوده دور ۾.

اَڄاڻُ: ص. اڻ ڄاڻ- بيخبر. ابوجهه. بيوقوف.

اَڄڻُ: م. اُڄڻ (ڪپڙو).

اَڄهَڻُ: م. پُڄڻ (ڪم)- اَڪلڻ. نبرڻ (ڪم).

اَجها: ث. اَجهو- پناه. ڪکائين پُنگي.

اَجهاپَ: ث. ٺوري ننڊ- جهُوٽو. آرام.

اَجهاڳُ: ص. نه جهاڳڻ جهڙو (پاڻي، سمنڊ). اٿاهه- بي ڪنار (پاڻي).

اَجهامَ: ث. ساه جي وِسامَ- ٻوڏڙو. نِستائي. ماندڪائي.

اَجهامَڻُ: م. وِسامڻ- گل ٿيڻ (بتي، ڏيو، باهه). ساٺو ٿيڻ (جسم). ويران ٿيڻ (محفل، بستي، رونق).

اَجهائڻُ: م. وِسائڻ (باهه). گل ڪرڻ (ڏيو، بتي). ساٺو ڪرڻ- ماندو ڪرڻ. بيهوش ڪرڻ (مار سان). ٺارڻ- لاهڻ (اُڃ).

اَجهڙڪڻُ: م. آڏيڙا ڪاڻڻ- ٿابا ڪاڻڻ- ڏڪا ڪاڻڻ- رلڻ.

اَجهلُ: ص. نه جهلڻ يا نه روڪڻ جهڙو- اڻ جهل. اَٽل.

اَجهندو: ذ. سڄ لٿي جي مهل. مُنهن اونداهي. (ضد: سُجهندو).

اَجهڻُ: م. رُلڻ- ڀٽڪڻ. ڳولڻ- ووڙڻ.

اَجهڻ ٻُجهڻ: رلڻ ڀٽڪڻ. ڳولڻ ٽولڻ.

اَجهو: ذ. مٿي لڪائڻ لاءِ ايرو سيرو گهر. پناهه گاه. ڇپر.

اَجهورُ: ذ. اوڙاهه. ڪُن. مال جي ويهڪ جي جاءِ (وٿاڻ وغيره).

اَڃَ: ث. تِهه- پياس- تشنگي. اُڪيرَ- اُڪند.

اَڃارو: ص. اُڃايل. (ث. اُڃاري).

اَڇا: ظ. هن وقت تائين.

اَڇاتائين، اَڇاسودو: ظ. اڇا. اڄ تائين. لاڳيتو.

اَڃائجڻُ: م. اُڃ لڳڻ- اُڃايل ٿيڻ.

اُڃو: ص. اُڃايل- پياسو. تاسيارو. (ث. اُڃي).

اُچارُ: ذ (سن. اُچارَ) ڪنهن اکر يا لفظ جو زبان سان ڪيل آواز. تلفظ.

اُچارڻُ، اُچارڻُ: م (سن. اُچارَڻ) آواز ڪرڻ (لفظ يا اکر جي صحيح صورت جو). هجي ڪرڻ. چوڻ- بولڻ.

اَچاتڪَ: ظ. بي خيالي ۾. اوچتو- اُمالڪ- هڪدم.

اَچائڻُ: م. ڪٺڻ- مٿي ڪٺڻ- تنگ ڪرڻ- سَتائڻ.

اَچرَجُ: ذ. عجب- حيرت- تپرس.

اَچنتُ: ص. ڳڻتي يا چنتا کان آجو- بي فڪر.

اَچڻُ: م. پهچڻ- وارد ٿيڻ- سهڙڻ- رسڻ. حاضر ٿيڻ- موجود ٿيڻ. حاصل ٿيڻ- ملڻ (رقم).

اَچڻ وڃڻ: ذ. اچ وڃ جو رستو (رسم موجب)- پير پنڌ. لڳ لاڳاپو. ملاقات- گڏجاڻي. مرڻي پرڻي (برادري يا عزارت ۾) شريڪ ٿيڻ.

اَچئو نه وڃئو: ڪڏهن به نه ايندڙ. اڻ واقف. ڌاريو.

اَچ وَڃ: ث. آمدرفت. مرڻي پرڻي شريڪ ٿيڻ جي رسم. گهرو رستو- پير پنڌ. گهٽي هلڻ جي لٽڙ.

اِچي پچي: ث. ذري پرزي.

اَچي مَچي: ذ. هٿ همراهي. مدد. تعاون.

اَڇَ: ث (سن. اَڇڇ) اَڇاڻ- سفيدي. پاڻي، ڪڪرن وغيره جي اَڇاڻ. جانورن جي پيڇي. ڇڏي لسي. پسيل سٽيءَ جو اَنريل پاڻي. سڄَ- پينگ.

اَڇا: ص. (سن اَڇڇ) سفيد (وار)- پَريا. خشڪا (جانور).

اَڇا ڏوڻُ: پيريءَ ۾ اڻ سهائيندو ڪم ڪرڻ.

آڇا ڪارا پڌرا ٿيڻ: سچ ڪوڙ ظاهر ٿيڻ. ڏوهہ ثواب کُلڻ. راز کُلڻ- ڳجهہ پڌرو ٿيڻ.

آڇن ڏي ڏسڻ: ڏاڙهي ۽ مٿي جي اڇن وارن جو لحاظ ڪرڻ. وڏيءَ عمر واري جي عزت ڪرڻ.

اِڇا: ث (س. اِڇا) مرضي- خواهش- سَڌ.

اِڇا ٻاجهہ. ث. ٿورو- نوازش- مهرباني. احسان.

اُڇاٽرو: ظ. ڇٽيرو. ڇٽاڪرو- سطحي. اُبهرو- جلدباز.

اُڇانگَ: ث. ٽپ- ٻِڏ- ڇال.

آڇاڻِ: ث (س. اڇ) اڇَ- سفيدي. روشني.

آڇائڻُ: م (س. آڇ) اڇو هجڻ- سفيد ڏيکائي ڏيڻ. اڇاڻ مائل هجڻ.

آڇائي: ث. آڇاڻ- سفيدي. سوجهرو. پاڪائي. صفائي (وهنوار ۾).

آڇُٽُ: ص. اڻ ڇُهيل- پاڪ.

اُڇَتِ: ظ. يڪدم- ترت- اُمالڪ. مٿان مٿان. استعمال ۾ نہ آندل (پاڻي، ڪاتو).

آڇڙو: ص. ٿورو اڇو. (ث. آڇڙي). (ذ) نوشادر.

اُڇلَ: ث. زور سان پري يا مٿي اُڇلائڻ جو عمل. ٽپ- التي. اُڌمو- جذبو.

اُڇلَ ڏيڻ: ڇڙٻ ڏيئي ڳالهائڻ. نامناسب ورندي ڏيڻ. ڳالهين ۾ مُبهم اشارو ڏيڻ. اڻ سڌي ڳالهہ ڪرڻ.

اُڇلائِڻُ: م. زور سان پري ڦٽو ڪرڻ.

اُڇلجَڻُ: م. اُڇل کائڻ. ٽيڙ کائڻ- ٽپ کائڻ. اڇلجي پري پوڻ. ڌڪ کائڻ.

اُڇلڻُ. اُڇِلڻُ: م. ڦٽو ڪرڻ. زور سان اُڇلائڻ. مٿان ڪري ڇڏڻ.

اُڇنگارَ: ث. زور سان روڄ (جنهن ۾ دانهن شامل هجي).

آڇو: ص (س. آڇ) سفيد. چِٽو. صاف. پاڪ. اُجرو. بي عيب. (ث. آڇي).

آڇي تي ڪارو: ذ. لکيت- تحرير.

آڇُوت: ص. حرام ڪم ڪندڙ (جنهن کي هٿ لائڻ سان پليت ٿي پئجي). گهٽ ذات (ڀنگي وغيره).

آڇيہ ڪڇيہ: ظ. ظاهر ظهور- کليو کلايو- پڌري پٽ. ٻنا هبڪ جي.

اَحاديث: ث (ع. حديث جو جمع) حديثون.

اِحاطو: ذ (ع) ٻاهرين ديوار- حاطو. گهيرو- دائرو.

اَحبابُ: ذ (ع. حبيب جو جمع) پيارا دوست. يار- دوست. ساٿي.

اِحتِجاجُ: ذ (ع) سخت اعتراض. ناراضگي جو مظاهرو.

اِحتِرازُ: ذ (ع) بچاءُ. پاسو- پرهيز.

اِحتِرامُ: ذ (ع) تعظيم- ادب. عزت-مانُ.

اِحتِسابُ: ذ (ع) حساب ڪتاب جي ڇڪاس. حساب ڪتاب- ليکو چوکو. ڇڪاس.

اِحتِشامُ: ذ (ع) حشمت- دبدبو- رعب تاب.

اِحتِلامُ: ذ (ع) ننڊ ۾ ترُ پوڻ.

اِحتِمالُ: ذ (ع) ٿي پوڻ جو امڪان- انديشو.

اِحتِياجُ: ذ (ع) کَپُ- گهرج- ضرورت.

اِحتِياطُ: ذ (ع) سنڀال. بچاءُ. هوشياري- خبرداري.

اَحَدُ: ص (ع) هِڪُ. اڪيلو. (ذ) خداتعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

اَحدي: ص (ع) هٿيارن پنوهارن سان نوڪر. سپاهي- جنگجو.

اَحَديَتَ: ث (ع) هيڪڙائي- وحدانيت.

اِحرامُ: ذ (ع) اڻ سبيل چادر (جنهن سان حج جي موقعي تي گوڏ ٻڌجي، ۽ پنن کي ڍڪجي).

اِحساسُ: ذ (ع) ڪنهن حواس وسيلي ڇُهڻ جو عمل.

شعوري ڪيفيت.

اِحسانُ: ذ (ع) ٿورو- ڀلائي- ڪرم- ٻاجهه.

اِحسان فراموش: ص. احسان وساريندڙ- گڻ چور.

اِحسانمَندُ: ص. احسان مڃيندڙ- ٿورائتو- شڪرگذار.

اِحسانات: ذ (ع. اِحسانُ جو جمع) ٿورا- ڀلايون- مهربانيون.

احسَنُ: ص (ع) وڌيڪ چڱو- تمام چڱو. وڌيڪ سهڻو ۽ نيڪ. نهايت وڻندڙ.

اَحقَرُ: ص (ع) وڌيڪ حقير- ڪمترين. سڀني کان گهٽ.

اَحڪامُ. احڪامات: ذ (ع. حُڪم جو جمع) حڪمَ- اَمرَ.

اَحڪَمُ الحاڪِمين: ذ (ع) سڀني حاڪمن کان وڌيڪ حاڪم (خدا تعاليٰ).

اَحمَدُ: ص (ع) گهڻو ساراهيل- سڀ کان وڌيڪ واکاڻيل. (ذ) حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن جو ازلي نالو.

اَحمَدِي: ص. رسول پاڪ جن ڏانهن منسوب. (ذ) نبي سڏائيندڙ مرزا غلام احمد جا پوئلڳ- قادياني.

اَحمرُ: ص (ع) ڳاڙهو- سرخ.

اَحمَقُ: ص (ع) بي عقل- مورک- ٻُوڪ.

اَحمق پائي: ث. بيوقوفي- مورکائي- ٻوڪپائي.

اَحوالُ: ذ (ع. حال جو جمع) بيانُ- خبرچار- ذڪر- معلومات.

اَحوال ڏيڻ: خبر چار ٻڌائڻ- ذڪر ڪرڻ. حال ٻڌائڻ- حال اورڻ.

اِحياءُ: ذ (ع) جيئري ڪرڻ جو عمل. روح پيدا ڪرڻ. زنده ڪرڻ. روح ڦوڪڻ.

اَخبارَ: ث (ع. خَبر جو جمع) خبرن وارو روزانو ڇپجندڙ پرچو- خبر نامو.

اَخبار نويسُ: ص. ايڊيٽر- مدير.

اَختَرُ: ذ (ف) تارو- ستارو- نجم.

اِختراعُ: ذ (ع) ڪنهن نئين شيء جي ايجاد.

اِختِصارُ: ذ (ع) وڏي بيان کي ٿورن لفظن ۾ بيان ڪرڻ- تَتُ- خلاصو.

اِختِلافُ: ذ (ع) مخالفت- ابتڙ راءِ- جدا رايو. ڦوٽ- اڻبڻت. فرق- ويڇو.

اِختلافات: ذ (ع. اِختلاف جو جمع) جدا جدا رايا.

اِختيارُ: ذ (ع) زور- وس. مرضي. حڪم. حق.

اِختيار نامو: ذ. اختياري ملڻ جو پروانو. حڪم هلائڻ جي اجازت.

اِختياري: ث. پنهنجي مرضي. وس. حڪم.

اَخذُ: ذ (ع) اقتباسُ. چونڊ (ڪلام جي).

اَخذُ ڪرڻ: اقتباس ڪرڻ. ٻئي جي ڪلام مان ٽڪرا وٺڻ.

اِخراجُ: ذ (ع) ٻاهر نڪرڻ جو عمل. نيڪالي.

اِخراجات: ذ (ع. اِخراج جو جمع) خرچَ- خرچ پکا.

اِخلاصُ: ذ (ع) خلوص- سچائي. نيڪي. سچي دوستي.

اَخلاقُ: ذ (ع. خُلق جو جمع) چڱا لڇڻ- سٺيون عادتون. ماڻهپو. شرافت.

اِخوانَ: ذ (ع. اَخ جو جمع) ڀائرَ.

اُخُوّت: ث (ع) برادري- ڀائپي.

آخِيرُ: ظ (ع) پويون- پڇاڙي وارو. (ذ) پڇاڙي.

آدا: ث (ع. آداء) آدائي- بجا آوري- پورائي. (ص) پورو- سرانجام.

آدا ڪرڻ: پورو ڪرڻ (حق). واپس ڪرڻ (قرض).

آداڻگِي: ث. بجا آواري- سرانجامي- پوراڻي.
آدا: ث (ف) انگل- نخرو- ماڻو. ڍنگ- طريقو. نزاڪت.
اِدارو: ذ (ع. اِداره) کاتو- محڪمو. انتظامي عملو. خاص ڪم ڪندڙن جي جماعت.
اُداس، اُداسائِيَ: ث (سن) مايوسي- نااميدي. سڪَ.
اُداسُ: ص (سن) ڏکارو- مايوس- ملول. سڪايل.
اُداسِي: ث (سن) اُداسَ (ص) مايوس- ملول. ڏکارو. سڪايل. ويڳاڻو.
آداڪارُ: ص (ف) ناٽڪ ۾ حصو وٺندڙ- ويس ڌاري- اڪٽر.
آدَبُ: ذ (ع) خُلق- سلجهائي. تهذيب. عزت- مانُ. وڏن جو لحاظ- مروت. سانگو- لحاظ. نثر ۽ نظم جي جملي اصولن جو علم (علم ادب).
اُدَباء: ذ (ع. اديب جو جمع) علم ادب جا ڄاڻو يا ماهر. اديبَ.
اِدراڪُ: ذ (ع) حواسن سان پروڙ. پروڙڻ جي قُوَت. نتيجي تائين پهچڻ جي خيالي قوَت. عقل- فهم.
اِدرَڪَ: ث. تازي ۽ آلي سُنڍ.
اِدَڙِ گِدَڙِ: ظ. واء وِکر- ڇڙوڇڙ. آڏگيدو (ڪم).
اِدغامُ: ذ (ع) لفظ ۾ ٻن ساڳين لاڳيتن حرفن کي "شد" سان گڏي هڪ ڪري اُچارڻ.
آدَلُ: ذ. آدو- ياءُ.
آدِلو بَدِلو: ذ. مٽاسٽا. عيوض. آدل بدل.
آدِلو گدِلو: ص. ميرو سيرو- گرو گندو- ڪِنو ڪوجهو. (ث. آدِلي گدِلي).
آدلِي دَدلِي: ظ. بي انداز- ريل ڇيل.
اُدَمُ: ذ (سن. اُديَم) سعيو- ڪوشش. سرجوشي- اُورچائي.
آدنِيٰ: ص (ع) گهٽ- ڪِريل- حقير. خسيس- نيچ. ذليل- ڪميڻو.
آدو: ذ. ياءُ. (ث. آدِي).
اَدوارَ: ذ (ع. دَور جو جمع) چڪرَ- ڦيرا. زمانا. وقت جا دَور.
آدوراڻي: ث. نڀاڳ جي دانهن. دانهن ڪوڪ.
آدورو: ص. نڀاڳو- بدنصيب.
اَدوِيَه: ث (ع. دواءُ جو جمع) دوائون.
آدَهُ: ذ (ع. آداء) اداڻگي. پوراڻو. نبيرو.
آده ڪرڻ: ڪنهن معاملي کي نبيري پورو ڪرڻ. فيصلي سان ختم ڪرڻ.
اَديانَ: ذ (ع. دِينُ جو جمع) مذاهب.
اَدِيبُ: ص (ع) علم ادب ۾ ماهر ۽ اُستاد. سمجهو- ڏاهو. بااخلاق.
آڌُ: ذ (سن. اَرڌ) ڪنهن به شيء جي ٻن پورن حصن مان هڪ حصو- نصف.
آڌ اکري: ث. "لاڪنائن" يا "ماترائن" کان سواءِ تحرير- ٻُني تحرير. اڻپوري بولي. خفيه تحرير.
آڌ ڀائيوارُ: ص. ڪم ڪار ۽ ڪاروبار يا ڪمائي ۾ اڌ حصي جو مالڪ- اڌ شريڪ.
آڌ پَتِيارُ: ص. آڌ ڀائيوار.
آڌ دَمِ: ذ. لکڻ ۾ بيهڪ جي هڪ نشاني (،).
آڌ راتِ: ث. آڌي رات- نيم شب.
آڌ رَڌو، اڌ ڪچو: ص. اڌوگابرو رڌل- اڌ پڪو.
آڌ گِيدو: ص. اڌورو- اڻپورو- اڌوگابرو (ڪم).
آڌ مُئو: ص. نهايت ٿڪل- ماندو- ساڻو- هلاڪ. مرڻينگ.
آڌو آڌُ: ص. ٻه ٽُڪر- پورا ٻه آڌ.

اڌويَتي: ص. اڌ پائيوار.

اڌو رالو: ص. اڌ پرالو. ڇنل- ڪُتل (ڪپڙو وغيره).

اڌُورو: ص. اڌ جيترو- اڌوگابرو. اڌ ۾ رهيل. اڻپورو. (ث. اڌُوري).

اڌو ڪارو: ص. اڌُورو.

اڌو گابرو: ص. اڌ جيترو- اڌورو.

اُڌارَ: ث. اوڌر تي ڪنيل بنا وياج قرض. ڪٽت (دڪان مان سؤدي جي).

اُڌارو: ص. اوڌر تي ڪنيل- قرض تي ورتل. (ث. اُڌاري).

اُڌاري ٻهاني: ظ. ٿوري وقت لاءِ قرض طور.

اُڌارَڻُ: م. اوڌر ڪڻڻ- قرض ڪڻڻ.

اڌرَنگُ: ذ (سن.ارڌَ انگ) هڪ بيماري (جنهن ۾ جسم جو اڌ حصو سُڪي وڃي). فالج.

اڌڙُ: ذ. اڌ حصو. سُڪل ڪارڪ جو اڌُ. سوپاريءَ جو اڌُ.

اڌڙ ڌمي: ث. گوڙ گهمسان. زور زبردستي. هُل فساد.

اڌِڙَڻُ: م. اُبڙڻ. اُکلڻَ (سيبو)- ٽاڪا ٽٽڻ.

اڌِڙوٽُ: ص. اڌ وهيءَ ۾ آيل- جوانيءَ ڪان موٽيل- ڪَرڙوڌُ.

اڌِڙي: ث. اڌ ڳوڻ يا اڌ دبو.

اڌِڪُ: ذ (سن. اڌِڪ) سنبت سال ۾ هر ٽئين سال وڌايل تيرهون مهينو (جيڪو آکاڙ ۽ ساوڻ جي وچ ۾ گڏين).

اُڌمُ: ذ. هُل- گوڙ- غوغاءُ.

اُڌمَڻُ: م. اُبامڻ. اُبرڻ- اُسرڻ. پڙڪو ڪائي ٻاهر نڪرڻ (پاڻي وغيره).

اُڌمو: ذ. پُور. جذبو. امنگ. پڙڪو- اُجَلَ.

اُڌما ڏيڻ: اُمنگ اُٿڻ- جذبا جاڳڻ- پُور پوڻ. اُچلون کائڻ- پڙڪا کائڻ.

اُڌو: ص. اُسريو- وڌيو- مٿي چڙهيو. بنا ڳُٽپ- اُڪو. يڪ مشت.

اُڌو ساماڻو: ص. ساماڻل- بالغ. جوان (ث. اُڌي ساماڻي).

آڌو ٻَنڌِ: ث. چادر جي گوڏ پڌڻ جو هڪ نمونو (جنهن ۾ اڌ چادر گوڏ ڪجي، باقي اڌ پٺن تي وجهجي).

آڌوِيَرِ: ث. ٽڪريءَ جي چوٽي ۽ ٽري جي وچ وارو هنڌ (جيڪو لاهي وارو ۽ ڏکيو ٿئي).

آڌوتو: ص. اڻ ڌوتل- ميرو. ناپاڪ. (ث. آڌوتِي).

آڌوڙِ: ث. حلال جانور جي کَلَ- چمڙو.

اُڌِي: ث. واڌَ- واڌارو. فائدو- لاڀُ.

اُڌِي کُٽِي: ث. واڌ ۽ کوٽ. نفعو نقصان.

آڏ: ث. پوک يا باغ کي پاڻي جي پيچ لاءِ ڪَسِي- واهي.

آڏ اُٿڻ: گهڻو خرچ ٿيڻ. سهارو نہ رهڻ. نقصان هيٺ اچڻ. تباه ٿيڻ.

آڏ تي بيهڻ: معمولي ڪم کان نٽائڻ. باقي ٿوري ڪم تي انڪار ڪرڻ. بي همت ٿيڻ..

اُڏارَڻُ: م. اُڏائڻُ (پکي، لغڙ). تيز ڊوڙائڻ.

اُڏارِي: ث. اُڏامَ- پرواز. اُڏارڻ جو عمل.

اُڏامَ: ث. اُڏامڻ جو عمل- اُڏاري- پرواز.

اُڏامَڪُ: ص. اُڏامڻ لائق (پکيءَ جو ٻچو). اُڏامندڙ (پکي، ولر).

اُڏامَ کٽولي: ث. اُڏامندڙ کٽ. قديم ڪهاڻين ۾ اُڏامندڙ جادوئي کٽ.

اُڏامَڻُ: م. اُڏرڻ- پرواز ڪرڻ. تمام تکو هلڻ.تيز ڊوڙڻ.

اَڏامي وڃڻ: اُڏري وڃڻ- پرواز ڪرڻ. تيزيءَ سان وڃڻ. گم ٿيڻ.

آڏاوتَ: ث. بناوت (جاءِ جي)- تعمير. عمارت. بيهڪ- بَول.

آڏائڻ: م. ٺهرائڻ (جاءِ)- جوڙائڻ (گهر). تعمير ڪرائڻ.

اُڏائڻُ: م. اُڏارڻ- مٿي چاڙهڻ (لغڙ. جهاز). لُٽائڻ- ڪپائڻ (ملڪيت). تيز ڊوڙائڻ. گم ڪرڻ- لڪائڻ.

اُڏرڻُ: م. اُڏامڻ.

اَڏند: ص. اَڏامندڙ.

اَڏند ڪَتُولي: ث. اَڏام ڪتولي.

آڏڻُ، آڏِڻُ: م. ٺاهڻ- جوڙڻ (جاءِ، چِنو وغيره). مَنڍڻ (ڪوڙڪو).

آڏي چڙهڻ: مالا مال ڪرڻ- ورسائڻ.

اُڏڻُ، اُڏِڻُ: اُڏامڻ- اُڏرڻ.

آڏو: ذ. نِڪالو. ماڳ. پڙي. پاٿاري (جوارين جي). هوائي جهازن جي لهڻ جو ميدان. پاليل پکين جي وهڻ لاءِ ڪاٺي يا ڇَتُ.

اَڏولُ: ص. نه لُڏندڙ- محڪم. بي ڊپو.

اَڏوهي، اَڏيهي: ث. جيت جو هڪ قسم (جيڪو ڪاٺ. ڪتابن کي کائي).

اَڏي: ث. ڪاٺيءَ جو ڪِترو (گاهه. گوشت. مڇي وغيره وڍڻ لاءِ).

اَڏيءَ تي ويهارڻ: نيات مان ٻاهر ڪڍڻ. تڪليفن ۾ وجهڻ. سِڌو ڪرڻ.

اَڙُ: ذ. اَنبار (اَن جو). ڍِڳ (رلين جو).

اَڙَڻُ: م. ڪُڙڻ (ٻخيو)- ٽنڻ (ٽاڪا). توپو ڪُلي پوڻ. ڦاٿڻ.

اَڙِڪڻُ: م. ڇرڪڻ (ڊپ ۾)- انديشو ڪرڻ.

اَڙِڪو: ذ. اُلڪو- ڪُنڪو. انديشو. ڊپ- خوف. انتظار- اونو.

اَڙو: ذ. ڏسو "اَڙِڪو".

اَڙيڙ: ث. پيٽ واري زال کي آيل اَبڙڪا.

اَڙِيڙَڻُ، اَڙِيڙِڻُ: م. اُکيلڻ- تروڻ (ٻخيا). ڏاڍي مار ڪڍڻ. سخت سزا ڏيڻ.

آڙَ، آڙِ: ث. ٿڃ واري رڳ. ذاتي گُڻ يا اوگڻ (جو ڄائي ڄم کان ملي). عادت (بنيادي، نسلي). ٻُڙ- ڪَرُم.

آڙِ چِڪڻ: اصل ڏي ورڻ. وڏن جي عادت پرائڻ.

آڙائي: ص. ۾ سجا ۽ ٿڃ جو آڙ.

اَڙِنگائي: ث. ڪُريت. بي لڇڻائي. بد سلوڪي. بدهلت.

اَڙِنگو: ص. اڻ سُهائيندو- ڪُريتو. بي لڇڻو. بدفضيلت.

آذانَ: ث (ع) بانگ- ٻانگ. نماز لاءِ سَڏُ (مسجد مان).

اِذنُ: ذ (ع) اجازت- موڪل. رخصت. حڪم- امر.

اِذنُ ڏيڻ: امر ڪرڻ- حڪم ڏيڻ. تعويذ وظيفي وغيره جي اجازت ڏيڻ- هُدو ڏيڻ.

اَذيَتَ: ث (ع) ايذاء- اهنج. تڪليف. ظلم.

اِرادَتَ: ث (ع) ارادو. گهُرَ- خواهش. تقدير. عقيدو- ويساهه.

اِرادَتا: ظ. ارادي سان- ڄاڻي ٻُجهي. هاسيڪار.

اِرادَتمندي: ث. نيڪ نيتي. اخلاص. اعتقاد.

اِرادو: ذ (ع. اِرادہ) گهُرَ- مرضي- خواهش. قصد- نيت. اعتقاد- ويساهه. رب جي رضا- لکيو- نصيب.

اَراڪِينَ: ذ (ع. رُڪن جو جمع) ٿنڀا. اِداري جو ڪم سنڀاليندڙ عهديدار. جماعت جي ڪاروباري مجلس جا ميمبر. حڪومت جو انتظام سنڀاليندڙ چونڊيل ميمبر.

اَربُ: ذ. هڪ سؤ ڪِروڙن جو عدد.

آربابُ؛ ذ (ع. رَبُ جو جمع) ڏيهہ ڌڻي حاڪم. مالڪ- صاحب.

آربعا؛ ذ (ع) هفتي جو چوٿون ڏينهن- ٻڌر.

آربعا خَطا؛ ث. چار گناه (شرع موجب ٿي گناه معاف ٿين جوڳا آهن). معاف نہ ٿيڻ جهڙو ڏوهہ- ڳري خطا.

آربيلائي؛ ث. البيلائي- لاڏ. ناز نخرو.

آربيلو؛ ص. البيلو- لاڏلو- دادلو. ناز نخري وارو. (ث. آربيلي).

اِرتعاشُ؛ ذ (ع) عضون ۾ ڏڪڻي- رڦڻي. ٿوڏو.

اِرتقا؛ ذ (ع) ترقي- چاڙهو. سُڌارو. واڌارو.

اِرتڪابُ؛ ذ (ع) ڏوهي ٿيڻ. خطا واري.

آرٿُ؛ ذ. مطلب- مقصد. سمجهاڻي- معنيٰ.

آرتي؛ ث. (سن) هندن ۾ لاش ڪٺي مساڻ تائين پڄائڻ لاءِ بانس جي ڪاٺين مان ٺهيل کاٽي.

آرٽُ؛ ذ. آيٽُ- چَرخو. ٽارُ.

آرٽي؛ ث. ڪپهہ ٽاڻڻ لاءِ ڪاٺين مان ٺهيل ننڍي گهرُو مِشين.

آرجَمَندُ؛ ص (ف) اَمُلهہ- عمدو. وڏي لياقت وارو. پيارو- محبوب.

اُرجَڻُ؛ م. ٺڪجڻ. گهڻي ڪم سبب سَنَڌ بندجي پوڻ- ڪُڙجڻ. ورچڻ.

اِرَچڪ مِرچڪ؛ ث. ٻاراڻي راند ۾ چوڻ جا ٻول.

آرچَڻُ، آرچڻ؛ ذ. اٽڪ- رنڊڪ. مشڪلات.

آرداسَ؛ ث. عرض- گذارش. التجا. عاجزي. نذرانو- پيٽا.

اِرد گِرد؛ ظ. چوڌاري- آسپاس.

آرِدلي؛ ذ (انگ) حاضريءَ جو نوڪر. خدمتگار.

آرڏائي؛ ث. زوراوري- ڏاڍائي.

آرِڏايون ڪرڻ؛ ڏاڍايون ڪرڻ- ڏنگايون ڪرڻ. ظلم ڪرڻ.

آرڏو؛ ص. اَڙينگ- زوراور. آهنڊ- ضدي- ڪَرڙو. مغرور.

آرڙُ، آرڙُ؛ ذ. نانگ جو هڪ قسم (جيڪو جانور ڳهي وڃي)- اَزدها. (ص) پيٽي- کاٺوُ. تمام وڏو ٽڪ.

آرڙو؛ ذ. ٿڏو- تڪرار- معاملو. (ص) ڏنگو- زوراور- ڪَرڙو.

آرڙو ٻڌڻ؛ هرويرو ٿڏو وجهڻ. تڪرار ڪرڻ. اجايو ضد ڪرڻ. آڙي ڪرڻ.

آرزان؛ ص (ف) سَستو- سهانگو.

آرزاني؛ ث. سَستائي.

اِرشادُ؛ ذ (ع) آمر- حڪم. اُستاد يا بزرگ جو فرمودو. هدايت.

آرضُ؛ ث (ع) ڀُونءِ- زمين- ڌرتي.

آرضي؛ ص. ڌرتي جو- زميني.

آرغوانُ؛ ذ (ف) ڳاڙها ۽ سهڻا گل جهليندڙ هڪ قسم جو وڻ.

آرغواني؛ ص. سُرخ- ڪِرمچي- پِيازي.

آرفعُ؛ ص (ع) نهايت مٿانهون- بلند.

اِرڪَ؛ ث. نُونٽ. نونٽ کان ڪراڻي تائين ٻانهن. ٻانهن جي ٽيڪَ.

آرڪانَ؛ ذ (ع. رُڪنُ جو جمع) ٿنيا. حڪومت، اِداري يا جماعت جا بنيادي ميمبر. عادتون- ليڻ- افعالَ.

آرڪو ٽَرڪو؛ ذ. ورٿو ۽ ترڪو. الهو تلهو- ميڙي چوندي.

آرگُ؛ ذ (ع. عرق) دوائن جو سَتُ. عرق.

آرگچو؛ ذ. خوشبو جو هڪ قسم. گڏيل سُرهاڻن وارو عطر- ارغچ.

اِرَمُ: ذ (ع) وچ مشرق ۾ شداد بن عاد جو ٺهرايل بهشت- ارضي بهشت.
آرمانُ: ذ (ف) افسوس- ڏک- غم. آرزو- خواهش. مرضي.
آرمَغانُ: ذ (ف) تحفو- سوغات- سوکڙي.
اَرمَقُ، اَرمَڪُ: ذ (ف) اوني يا ريشمي ڪپڙو.
آرموشُ: ذ. تيرهن چوڏهن سالن جي ڄمار جو اُٺ. پوڙهو اُٺ.
آرو: ذ. ڦيٽي جو ٽانيو. نار جي چڪر جو ڏندو. پيچ- وڪڙ.
آرَن کان ڪڍڻ: الوڙي ڇڏڻ. ٿوڏي ڇڏڻ. هوش حواس مان ڪڍڻ.
آري ۾ اچڻ: ڪنهن وڪڙ يا مصيبت ۾ ڦاسڻ.
آرواحُ: ذ (ع. رُوح جو جمع) رُوح.
آرواحَ پلجڻ: خواهش ڪجي وڃڻ. سَڌ مري وڃڻ. دل ٺهي وڃڻ.
آروڳِي: ث. ڪن ڪچري جو ڍڳ- ڍوڻي.
آروڳُ: ذ (سن. آروڳيہ) بنا روڳ جي- تندرست- صحتمند.
اَرهُ: ذ. ڇاتي- سينو. ٻبو.
اُرهہ ڏيڻ: مقابلو ڪرڻ. مدد ڪرڻ. مُنهن ڏيڻ.
اُرهہ زوراڻي، اُرهہ زوري: ث. سيني زوري. ڏاڍمڙسي. زبردستي. ظلم.
اُرهہ زورو: ص. ڏاڍو مڙس. خودمختار.
اُرهاٽَ: ث. ڇاتي جو زور. ياڪر ۾ پڇاڻي. چڙهت. پيڙ- چيپ.
اُرهائڻُ: م. سوڙهہ ڪرڻ. سيني زوري ڪرڻ. گهٽڻ. ڇاتيءَ جو زور ڏيڻ. چڙهت ڪرڻ.
آرهَائي: ث. رنج- ڏک. ناراضپو. غمگيني. (ضد. سَرهائي).
آرِهَندو: ص. اڻ جوڳو- اڻ لائق. نامناسب. ناجائز (شرعي لحاظ سان) (ث. آرِهَندي).
آرهَو: ص. ناخوش- رنج- ڏکويل. (ث. آرهِي).
آرَهُ: ث. درياہ جي لٽ نہ چڙهيل زمين. غيرآباد زمين. پوٺو.
آرَهُ ڏيڻ: زمين کي آبادي کان ساهي ڏيڻ.
اِريبَ: ث. چوڪنڊي جي آمهين سامهين ڪنڊن کي ملائيندڙ ليڪ.
آريجُ: ذ. بنا ريج زمين. بيابان. سُڪل ٻَني.
آرِينهِن: ظ. اڄ کان پوءِ چوٿين ڏينهن.
آڙَ: ث. آڏ- ٽيڪ- جهل. رنڊڪ. اوٽ- اولو.
آڙَ ڏيڻ: رنڊڪ وجهڻ. اوٽ ڪرڻ.
آڙانگُ: ظ. ڏکيو- اوکو- اهنجو.
آڙانگوُ: ظ. ڏکيو- دشوار- اٿانگو.
آڙائِڻُ: م. ڦاسائڻ- اٽڪائڻ. ڳنڍڻ.
آڙَبنگُ: ص. بي پرواهہ. آرڏو. ضدي. سرڪش.
اڙِتي: ث. بهانو- عذر. ٽڏو. آٽڪ- رنڊڪ. ڪيرائڻ جو هڪ داءُ- ڦِڙتي.
آڙتي باز: ص. ٽڏائي. بهاني باز.
آڙَ پَڙُ: ظ. لٽ پٽ- وهنوار. بيباق- چُڪتو.
آڙجَڻُ: م. ڦاسجڻ. اٽڪجڻ. مُنجهڻ.
آڙجي وڃڻ: ڦاسجي پوڻ. ڪڪ ٽيڻ.
اُڙِدِ: ث. اناج جو هڪ قسم- مانهن.
اُڙدُ: ذ (ت) لشڪر- سپاهہ. ڪٽڪ- ميڙ- انبوهہ. ڍڳ- انبار.
اُڙدابيگي: ث. محلات جي پهريدار عورت (جيڪا مرادنو لباس پهري). دربان عورت. ٻانهي.
اُڙدُو: ث (ت. اُردو) لشڪر. ڇانوڻي. لشڪري بولي.

پاڪستان جي قومي ٻولي.
آزدها: ث (ف. أزدها) ارڙ نانگ- اجگر.
آڙڪي پڙڪي: ظ. ڪڏهن ڪڏهن.
آڙل: ذ. ڪڏتو گهوڙو- جڙ وڇيرو.
آڙم: ذ. زمين ۾ گهڻو هيٺ تائين اونهون ريج.
آڙم ٿي وڃڻ: گهڻي مينهن سببان گهڻو اونهون ريج ٿي وڃڻ.
آڙڻ: م. اٽڪڻ. ڦاسڻ. مُنجهڻ.
آڙهڻ: م. وَهڻ (پاڻي)- وڙهڻ.
آڙي: ذ. سڏڻ لاءِ لفظ- اي. ڪاوڙ وغيره مان سڏڻ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ. (ث. آڙي).
آڙي: ث. آڏ- آڙ. ڦڙتي. جانٺو. بهانو. ضد- رڏي. ڏکئي وقت- آئي ويل.
آڙي اوڙي: ظ. ڏکئي وقت ۾- اويل سويل. ڪوٽ ٿوٽ ۾.
آڙي باز: ص. رنڊڪ وجهندڙ. بهانا ڪندڙ. ڦڏو وجهندڙ.
آڙي هڻڻ: وهٽ کي تڪڙو هلائڻ لاءِ پيٽ ڏاري کُڙي هڻڻ- مهميز ڏيڻ. رنڊڪ وجهڻ.
آڙيات، آڙيال: ص. اڙيل- ڦاٿل. منجهيل. گهُرجائو- ضرورتمند. سائل.
آڙيو: ص. ڦاٿل محتاج- گهرجائو.
آڙين آڌار: ص. بي وسيلن جو وسيلو. پرجهلو.
أڙيو ٿُڙيو: ص. رستي پليل. ٽِڙيو ٽابڙيو. رهيو کهيو. (ث. أڙي ٿڙي).
آز: ظ (ف) ڪان- وٽان- طرفان.
آزانسواءِ: ظ. ڪان سواءِ- ڌاران.
آزبر: ظ. ياد- حفظ.
آزحد: ظ. نهايت. تمام گهڻو- بيشمار.
آزخود: ظ. پاڻهي. خودبخود.
آزغيبي: ظ. اوچتو- اچانڪ. ڳجهي طرح.
اِزار: ث (ع) سٿڻ- شلوار.
اِزاربند: ذ. اڳٺ- ناڙو.
اِزالو: ذ (ع) رفع دفع. نقصان جي پوراڻي. منسوخي (عمل جي).
آزل: ذ (ع) دنيا جي پيدائش جو پهريون ڏينهن. تخليق جي شروعات. مقدر- نصيب.
آزلي: ص. اصل کان- شروعات کان وٺي. آخر تائين رهندڙ- باقي.
آزم: ذ. زور (تپ جو). سختي (سور جي).
آزواج: ث (ع. زوج جو جمع) زالون- گهر واريون.
آزواج مُطهرات: ث. نبي سڳوري جا حرم (بيبيون).
آزورو: ص. نِبل- هيڻو. (ث. آزوري).
أس: ث. ڏُپ- ٽڙڪو.
أس ۾ وار آيا ڪرڻ: آزمودي پراڻي کان سواءِ پوڙهو ٿيڻ. عمر اجائي وڃائڻ.
آساتذه: ذ (ع. أستاد جو جمع) أستاد. فن جا ماهر.
أسات: ث. ڏاڍي أڃ- ٺهه. پياس- خشڪي. أڪير. ڪاڙهو- تپت. سوڪهڙو.
أساٽجڻ: م. أڃاٽجڻ. ڪوماڻجڻ (وڻ ٻوٽا).
آسارو: ص. غافل- ويسلو- بي خبر- ويسارو. موگو- ڳهيلو. (ث. آساري).
آساس: ذ (ع) بنياد- پيڙهه.
آسباب: ذ (ع. سَبَبُ جو جمع) سبب- ڪارڻ. ذريعا- وسيلا. سامان سڙو- ٽپڙ ٽاري.
أست: ذ. ڪير جي لسي. أنهن جي ڪير مان جمايل ڏونرو.

أستادُ: ص (ف. ع) سيکاريندڙ. معلم. رهبر. چالاڪ- اٽڪلي. هوشيار.

أستادي: ث. ڏاهپ. هوشياري- چالاڪي. حرفت- اٽڪل بازي.

استبدادُ: ذ (ع) مرضي خلاف هلايل حڪم. ڏاڍ- ظلم.

اِستثناء: ذ (ع) پاڻ کي جدا رکڻ جو عمل. ٻين کان علحدگي. (ص) قاعدي کان ٻاهر- خارجي.

اِستحسانُ: ذ (ع) پسنديدگي. نيڪي. تعريف جهڙو ڪم. ساراهه. خوبي.

اِستحقاقُ: ذ (ع) لياقت. حق حقوق.

اِستحڪامُ: ذ (ع) مضبوطي- پختگي. جٽاءُ.

اِستخارهَ: ذ (ع) غيبي اشاري معلوم ڪرڻ جي دعا. خدا کان خاص دعا جي ذريعي خير جي طلب. فال.

اِستدعا: ث (ع) عرض- التجا. گذارش.

اِستدلالُ: ذ (ع) دليل. حجت. ثبوت.

أسترُ: ذ (ف) ڪوٽ وغيره لباس جي اندرئين تهه ۾ وڌل ڪپڙو.

أسترُ: ذ. خچر جهڙو پر وڌيڪ طاقتور جانور.

اِستراحتَ: ث (ع) فرحت. آرام. عيش.

أسترو: ذ (ف) پاڪي.

اِستري: ث (سن) عورت- زال. ڪپڙي مان سَر ڪڍڻ لاءِ هڪ لوهي اوزار (جنهن کي گرم ڪري ڪپڙي تي زور سان گهمائجي).

اِستطاعتَ: ث (ع) طاقت- سگهه. وس. پهچندي. حيثيت.

اِستعارو: ذ (ع) اها تشبيهه جنهن ۾ لفظ جهڙو. جئن. جيان وغيره ڪم نه اچن (هو شينهن آهي= شينهن جهڙو بهادر آهي).

اِستعجابُ: ذ (ع) عجب- حيرت.

اِستعدادُ: ذ (ع) لياقت- قابليت. ذهني طاقت.

استعيفا ث (ع) ملازمت ڇڏڻ لاءِ درخواست.

اِستعمالُ: ذ (ع) عمل ۾ آڻڻ جي حالت. عمل. تجربو- آزمودو.

اِستعمالي: ث. عمل. آزمائش- تجربو.

اِستغاثه: ذ (ع) فرياد- مقدمو- ڪيس.

اِستغراقُ: ذ (ع) خيال يا فڪر ۾ ٻُڏي. ڌڻيءَ جي يادگيري يا بندگي ۾ محويت.

اِستغفارُ: ذ (ع) ڏوهن گناهن جي بخشش لاءِ دعا ۽ گهُرَ. توبهه.

اِستغنا: ث (ع) تونگري- شاهوڪاري. بي نيازي.

اِستفسارُ: ذ (ع) پڇاڳاڇا. حقيقت جي جاچ.

اِستقامتَ: ث (ع) مضبوطي- پختائي. ٻيهڪ- ثابت قدمي.

اِستقبالُ: ذ (ع) آجيان لاءِ ٻه چار قدم اڳتي وڌڻ- پذيرائي. آڌرڀاءُ. ايندڙ زمانو.

اِستقلالُ: ذ (ع) مضبوطي سان هڪ ڳالهه تي ٻيهڪ- پُختگي- ثابت قدمي.

اِستمراري: ص (ع) دائمي هلندڙ- جاري رهندڙ. گرامر موجب جاري رهندڙ ڪم لاءِ زَمانُ.

اِستنجا: ث (ع) طهارت- مسحو.

أستو: ص (ع. أستاذ) ڪنهن به هنر جو ڪاريگر (هي لفظ رازي، واڍي. لوهار ۽ حجم سان ڪم اچي).

أستوارُ ص (ف) مضبوط- محڪم- پختو- پڪو.

استافُ: ذ (انگ) عملو. ڪاتي يا آفس جا ملازم.

اِستامپُ: ذ (انگ) سرڪاري ڇاپ لڳل پنو (قبوليت وغيره جي تحرير لاءِ)- دستاويز.

اِستانُ: ذ (انگ. اسٽينڊ) گاڏين بسن جي بيهڻ جو اڏو

يا چاپرو.

استرائيڪ: ث (انگ) هڙتال- احتجاج طور ڪم نہ ڪرڻ.

اِسٽُولُ: ذ (انگ) ڪاٺ جي چئن ڄنگهين ٽنگن واري ننڍي تختي سان صندلي.

اِسٽيٽ: ث (انگ) رياست. جاگير. غيرمتحرڪ جائداد.

اِسٽيجَ: ث (انگ) جلسي ناٽڪ وغيره لاءِ تلهو يا چبوترو.

اِسٽيشن: ث (انگ) ريل گاڏي جي بيهڻ لاءِ مقرر جاءِ (جتي مسافر لهن چڙهن).

اِسٽيلَ: ث (انگ) لوهي نِبُ سان قلم.

آسپُ: ذ (ف) گهوڙو.

اِسپتالَ: ث (انگ) شفاخانو- دواخانو.

اِسپرنگُ: ذ (انگ) لوهي تار جو داٻاءُ ويڙهو.

اِسپنگرُ: ذ (ف آسپغول) دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جو ٻج.

اِسپيشلُ: ص (انگ) خاص- جدا.

اِسپيڪرُ: ذ (انگ) تقرير ڪندڙ. قانون ساز اسيمبلي جو ڪاروبار هلائيندڙ ميمبر.

آسَدُ: ذ (ع) شينهن. هڪ آسماني بُرج.

آسَدُ الله: ذ. خدا جو شينهن. حضرت علي رضہ جو لقب.

آسُرُ: ذ. رات جو پويون پهر- پوئين رات- آسُور.

اِسرارُ: ذ (ع. سِرّ جو جمع) ڳجهيون ڳالهيون- ڳجها ڪم. عجائب. حيران ڪندڙ عمل. تماشو.

اِسرافُ: ذ (ع) حد کان ٻاهر ڪاپو. اجايو استعمال. فضول خرچي.

اُسرَڻُ: م. متي وڌڻ. روانو ٿيڻ.

اُسِڪڻُ: م. اوسيئڙو ڪرڻ- انتظار ڪرڻ. آس ۾ ڀِتڪڻ. اجايو رُلڻ.

اَسِسٽنٽُ: ص (انگ) نائب. عيوضي. مددگار.

اِسڪالر: ص (انگ) عالم- اديب. تعليم وٺڻ لاءِ وظيفو ڪٽندڙ.

اِسڪالرشپ: ث (انگ) شاگرد لاءِ وظيفو.

اِسڪرُو: ذ (انگ) لوهہ جو پيچدار ڪوڪو.

اِسڪروُ ڊرائيورُ: ذ. پيچڪش (اوزار).

اِسڪولُ: ذ (انگ) ابتدائي تعليم جو مدرسو. ابتدائي درسگاه.

اِسڪيمَ: ث (انگ) رٿا- تجويز. منصوبو.

اِسلامُ: ذ (ع) دين فطرت. الله تعاليٰ جو حضرت محمد صلعم جي معرفت سڀني انسان ذات ڏانهن موڪليل دينُ.

اِسلامي: ص. اسلام جو- اسلام وارو.

اَسلحَہ: ذ (ع. سِلاح جو جمع) هٿيارَ. سامان سڙو.

اُسلوُبُ: ذ (ع) نمونو- ڍنگ. طريقو.

اِسمُ: ذ (ع) نالو. گرامر موجب ڪنهن ماڻهو، شيءِ، جاءِ، خاصيت يا ڪم جو نالو ظاهر ڪندڙ لفظ. جِنسَ.

اِسمُ تصغيرُ: ذ. ننڍڙائي ۽ ٿورڙائي ڏيکاريندڙ لفظ.

اِسمُ حاليہ: ذ. فعل جي اِسمي صورت (جيڪا هلندڙ وقت جي معنيٰ ڏيکاري. مثلاً سمهندو، ايندو، ويندو وغيره).

اِسمُ خاصُ: ذ. ڪنهن جاندار يا بي جان شيءِ جو خاص نالو (جيئن حمزو، سنڌو وغيره).

اِسمُ ذات: ذ. ڪنهن شيءِ جو ذاتي گڻ ڏيکاريندڙ لفظ (جيئن نيڪي، سخاوت وغيره).

اِسمُ عامُ: ذ. هڪ قسم جي سڀني جنسن لاءِ ڪم ايندڙ لفظ (جيئن ماڻهو، ٻور، جبل وغيره).

اِسمُ فاعِلُ؛ ذ. جملي ۾ ڪم ڪندڙ جي لاءِ ڪم آيل لفظ.

اِسمُ مَفعُولُ؛ ذ. ٿيل ڪم جي خبر ڏيندڙ لفظ (جيئن ڏِڪيل، ورتل وغيره).

آسماء؛ ذ (ع. اِسمُ جو جمع) نالا.

آسماءُ الحُسنيٰ؛ ذ. ڌڻي پاڪ جا نوانوي صفاتي نالا.

اَسَمجهہ؛ ص. بي سمجهہ- نادان.

آسناد؛ ث (ع. سَنَدَ جو جمع) ثابتيون. سَنَدون- دستاويز. حديث جي روايت جو سلسلو.

آسُو؛ ذ. سنبت سال جو ستون مهينو.

اُسوَه؛ ث (ع) نمونو- مثال.

آسوَدُ؛ ص (ع) ڪارو- سياه.

آسُونهِن، اسونهون؛ ص. اڻ واقف- اڻ ڄاتل- اڻ ڏٺل. جنهن جي جوءِ يا گس ڏٺل نہ هجي.

اَستَهَڻُ؛ م. وڃڻ- روانو ٿيڻ (مسافري تي).

آسِيرُ؛ ص (ع) قيدي. گرفتار.

اِسيري؛ ث. قيد- بند.

آسيمبِلي؛ ث (انگ) صوبائي يا مُلڪي انتظام هلائڻ لاءِ قاعدا قانون جوڙيندڙ ميمبرن جي جماعت (جيڪي ميمبر جدا جدا تڪن مان ووٽن ذريعي منتخب ٿين).

اِشارَتَ؛ ث (ع) اِشارو- اُهڃاڻ.

اِشارو؛ (ع. اِشارہ) هٿ يا اک سان ڏسَ. اُهڃاڻ. رمز. مامَ.

اِشاعَتَ؛ ث (ع) پڌرائي- مشهوري. ڇاپو (اخبار يا ڪتاب جو).

اِشتَراڪُ؛ ذ (ع) شراڪت- ڀائيواري- حصو. شموليت.

اِشتراڪيَتِ؛ ث (ع) حڪومت جو اُهو سرشتو جنهن ۾ ملڪ جي سڀني ماڻهن جو هڪ جيترو حصو هجي.

اِشتِعالُ؛ ذ (ع) جوش- ڀڙڪو- باهہ.

اِشتِعالُ انگيز؛ ص. باهہ ڀڙڪائيندڙ- جوش ڏياريندڙ. فساد پيدا ڪندڙ (ڳالهہ، تقرير).

اِشتِقاقُ؛ ذ (ع) لفظ مان ڪڍيل بنيادي ڌاتُو.

اِشتِها؛ ث (ع) بُکَ. خواهش- طلب (کاڌي جي).

اِشتِهارُ؛ ذ (ع) اعلان. پڌرنامو. مشهوري جو اعلان.

اِشتِياقُ؛ ذ (ع) شوق- چاهہ. انتظار گڏيل خواهش. سِڪَ.

آشخاص؛ ذ (ع. شخص جو جمع) گهڻا ماڻهو- جڻا.

آشَدُ؛ ص (ع) تمام سخت. بلڪل گهڻو.

آشِرافُ؛ ص (ع) شرِيفُ انسان- نيڪ مرد. عزت وارو - مهذب.

اشرافَتَ؛ ث. چڱمڙسي. عزت آبرو. ڀلائي- چڱائي. نيڪي.

اِشِراقُ؛ ذ (ع) سج اُڀرڻ. سج اڀرڻ کان پوءِ نفلي نماز.

آشرف المخلوُقات؛ ث (ع) سڀني مخلوقن کان ڀلو- انسان ذات.

آشرَفِي؛ ث (ع) هڪ سونو سِڪو- مُهر. هڪ قسم جو گُل.

آشعارَ؛ ذ (ع. شعر جو جمع) نظم- ڪلامُ.

آشڪَ؛ ذ (ف) ڳوڙها- لڙڪ.

آشڪبار؛ ص. ڳوڙها ڳاڙيندڙ- لڙڪ وهائيندڙ.

اِشَڪَنجو؛ ذ (ف. شڪَنجه) ڏوهارين کي قابو ڪرڻ لاءِ ڪاٺُ. جلدبندي ۾ ڪتابن کي قابو جهلڻ جو هڪ اوزار.

آشڪولُ، آشڪيلُ؛ ذ (ع. شڪيل) ٿاوَڻ. ٻيڙيون. وهٽ جي هڪڙي پاسي وارين ٽنگن ۾ ٻڌڻ جو ڏاوڻ.

آشلوڪُ؛ ذ (سن) سِلوڪ- ڌرمي بيت يا گيت.

آشَهَدُ؛ ذ (ع) شهادت جي ڪلمي جو پهريون

لفظ.شهادت جو ڪلمو. ڏسڻي آڱر.

آشياء: ث (ع. شيء جو جمع) شيون- چيزون- وٿون.

اَصالَتَ: ث (ع. أصاله) اصليت. خاصيت. اثر.

اَصحابُ: ذ (ع. صاحب جو جمع) حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جو صحبتي. سنگتي- ساٿي.

اَصحابِي: ص. نبي سڳوري جو ساٿي. نيڪ ماڻهو.

اصرارُ: ذ (ع) ڪنهن ڳالهہ تي گهڻو زور- ضد. تاڪيد.

اِصطِلاحُ: ذ (ع) ڪنهن ڌنڌي يا فن جو لفظ- وَرجيس.

اِصطلاحي: ص. محاوري وارو. مشهور معنيٰ کان سواءِ ٻي خاص معنيٰ رکندڙ (لفظ).

اَصغَرُ: ص (ع) وڏيڪ ننڍو. سڀ کان ننڍو.

اَصلُ: ذ (ع) بنياد. بُڻ- نسل. پيڙهہ. (ص) سچو پچو- حقيقي. خالص- نج. (ظ) اصل کان. شروع کان. هرگز. بلڪل.

اِصلوڪو: ص. اصل وارو. اوائلي- قديم.

اَصلي: ص. بنيادي. فطري- ذاتي. خاص. قديم.

اِصلاحَ: ث (ع) درستي- سُڌارو.

اِصلاحات: ث. سُڌارا.

اَصلِيَتِ: ث (ع) بنيادي حقيقت. ذاتي گڻ. بنيادي شرافت. اصل نسل.

اُصُولُ: ذ (ع. اَصلُ جو جمع) پاڙ- بنياد. بنيادي قاعدو- قانون.

اَصِيلُ: ص (ع) چڱي نسب وارو. شريف. اصل نسل وارو- ٻاڻتو. عزت وارو. ڪيل جو گراهڪ. ڪُڪڙ جو هڪ قسم. ڪارو ٽانگ.

اِضافَتَ: ث (ع) نسبت- لاڳاپو- تعلق. گرامر موجب اسمن جي وچ ۾ مالڪي ڏيکاريندڙ حالت.

اِضافو: ذ (ع. اِضافه) واڌ- واڌارو. پگهار يا عهدي ۾ ترقي.

اِضافي: ص. نسبتي (جا اصلي نہ هجي). وڌيڪ.

اَضحيٰ: ث (ع. ضَحِيَۃُ جو جمع) قربانيون.

اُضحِيٖ: ث. قرباني جو جانور- قرباني.

اِضطِرابُ: ذ (ع) پريشاني. بيقراري- لوچ پوچ- ڦٿڪو. جلدي- تڪڙ.

اَطراف: ذ (طرف جو جمع) ڏسيون- طرفَ.

اَطفال: ذ (ع. طِفلُ جو جمع) ٻارَ- ٻارڙا.

اِطلاعُ: ذ (ع) خبر- چتاءَ- اعلانُ. نوٽيس- ڄاڻُ.

اِطلاعات کاتو: ذ. حڪومت جي طرفان عام ماڻهن يا عام ماڻهن جي گهُرجن کان حڪومت کي واقف ڪندڙ کاتو (جيڪو گهڻو ڪري اخبارن سان واسطو رکي ٿو).

اِطلاقُ: ذ (ع) ٺهڪي اچڻ جي حالت. لاڳاپو.

اَطلَسُ: ذ (ع) اڇو زريدار ريشمي ڪپڙو.

اِطمِينانُ: ذ (ع) تسلائي- دلجاءِ- خاطري.

اَطوارَ: ذ (ع. طَورُ جو جمع) طريقا- ڍنگ- دستور. اعمال- ليکو- آداب.

اِظهارُ: ذ (ع) پڌرائي- ظهور.

اَظهَرُ: ص (ع) وڌيڪ ظاهر- تمام چٽو. گهڻو مشهور.

اَظهَر مِنَ الشَمَسُ: سج کان وڌيڪ پڌرو. مشهور.

اِعانَتَ: ث (ع) مدد- واهر.

اِعتِبارُ: ذ (ع) ڀروسو- يقين. ويساهہ.

اِعتِدالُ: ذ (ع) وچٿرائي- موافقت. پُورائي ڀنائي- نہ گهٽ نہ وڌ.

اِعتِدال پسند: ص. وچون رستو اختيار ڪندڙ. موزون طبيعت وارو. نرم ڏُر وارو (راڄنيتي يا سياسي

معاملن ۾).

اِعتِراضُ: ذ (ع) ڪنهن ڳالهہ جي خلاف اُٿاريل حجت. نڪتہ چيني. مخالف.

اِعتِرافُ: ذ (ع) قبوليت- اقرار. ڏوهہ يا غلطي مڃڻ.

اِعتِقادُ: ذ (ع) ويساهہ. ايمان. اعتبار. عقيدو.

اِعتِڪافُ: ذ (ع) گوشہ نشيني (عبادت لاءِ خلاصي جاءِ ۾). رمضان جي پوئين ڏهي ۾ مسجد ۾ گوشہ نشيني.

اِعتِمادُ: ذ (ع) ڀروسو- اعتبار- يقين.

اِعجازُ: ذ (ع) معجزو. وڏي ڪرامت. حيران ڪندڙ ڪم.

اعدادُ: ذ (ع. عدد جو جمع) انگ- عددَ.

آعداد شماري: ث. ڳڻپ- شمار. آدمشماري.

اِعرابَ: ث (ع) اکر کي چوريندڙ نشاني (زير، زبر، پيش).

آعرابِي: ص (ع) عربستان جي ٻهراڙي جو رهاڪو- بدوي. مال جي سانگي سان گذاريندڙ خانہ بدوش- سانگي. مارو.

آعرافُ: ذ (ع) دوزخ ۽ بهشت جي وچ وارو هنڌ (جو نڪي گرم نڪي سرد آهي). قرآن شريف جي ستين سوره.

آعِزاء: ذ (ع. عزيز جو جمع) پيارا مائٽ مِٽ- عزيز دوست.

آعِزازُ: ذ (ع) عزت- مانُ- مرتبو.

آعزازي: ص. بنا اُجوري- مفت ڪم ڪندڙ- آنرري.

آعشاري، آعشارِيہ: ص (ع) ڏهين حصي وارو. ڏهون. ڏهائي.

آعصابُ: ذ (ع. عَصَبَ جو جمع) مُشڪون- ٻنڌيون (گوشت جون). حواس.

آعضا: ذ (ع. عُضوُ جو جمع) عضوا- لِڱَ- بدن جا حصا.

آعظمُ: ذ (ع) سڀ کان وڏو. تمام وڏو. عَظِيم.

آعلي: ص (ع) تمام مٿانهون- اوچو- بلند. تمام وڏو. وڏي مرتبي وارو. عمدو.

اِعلانُ: ذ (ع) اطلاع- ڄاڻ. پڌرائي- اشتهار.

آعمالَ: ذ (ع. عَمَلُ جو جمع) عَملَ- اَفعال. ڪرتوت.

آعمال نامو: ذ. ڪمن جو تفصيل- ڪارگذاري. ڏوهن ثوابن جو دفتر.

آغراضُ: ذ (ع. غرَض جو جمع) غرضَ- مطلب.

اِغمازُ: ذ (ع) اکين يا ڀرُن جو اشارو- غمزو.

اِغماضُ: ذ (ع) چشم پوشي.

اِغوا: ذ (ع) لالچائڻ- ڏُٽارڻ. ڀڄائڻ. زوري کڻي وڃڻ.

اغوا ڪرڻ: برغلائي ڀڄائي وڃڻ. زوري کڻي وڃڻ. ڀڄائي وڃڻ.

آغيارَ: ص (ع. غَير جو جمع) ڌاريا- اجنبي. پراوا- اوپرا ماڻهو.

اُف: ذ (ع. اُف) ڏک ۽ ڪاوڙ ۾ ڦُوڪ ۽ جهٽڪ جو آواز. ڏک ۽ ارمان جو آواز. (ف) ڦُوڪَ.

اُف ڪري ڇڏڻ: اُڏائي ڇٽ ڪرڻ- ڌُف ڪري ڇڏڻ.

اِفاديت: ث (ع) فائدو- نفعو- لابُ.

اِفاقو: ذ (ع. اِفاقہ) سجاڳي. بيماري مان اُٿڻ- ڇڱيلائي.

اُفتاد: ث (ف) عاجزي- لاچاري. مصيبت.

اِفتِتاحُ: ذ (ع) ڪم جي شروعات- آرنڀُ. نيڪ مردن جي گڏجاڻي سان ڪم شروع ڪرڻ جي رسم.

اِفتِخارُ: ذ (ع) فخر- وڏائي- ناز.

اِفترا: ث (ع) تهمت- الزام- بهتان.
اَفراتفري: ث (ع. اِفراطُ و تفريطُ) پريشاني. گهبراهٽ. ياجڙ- ڇڙوڇڙ ٿين.
اَفرادَ: ذ (ع. فرد جو جمع) ڄڻا- ماڻهو.
اِفراط: ث (ع) گهڻائي- واڌ. (ص) اجائي- بيفائدي.
اِفراط و تفريط: ث. گهڻائي ٿورائي. بي اعتدالي.
اَفزائش: ث (ف) واڌ. واڌارو- گهڻائي.
اَفسانو: ذ (ف) ڪهاڻي. عجيب قصو. ڪوڙي ڳالهه. نقل. داستان.
اَفسانه نويسُ: ص. افسانا لکندڙ.
اَفسَرُ: ذ (ف) تاج- ڇٽ.
اَفسُردگي: ث (ف) اُداسي. رنجيدگي. مايوسي.
اَفسُردَه: ص (ف) مايوس- اُداس- دلگير- ڏکويل.
اَفسوسُ: ذ (ف) ڏک- ارمان- غم.
اِفسوسناڪُ: ص. ڏک جهڙو- ڏکدائڪ.
اَفسُون: ذ (ف) جادو. فريب. چالاڪي.
اَفضَلُ: ص (ع) سڀ کان ڀلو. سڀ کان فضيلت وارو. تمام چڱو- بهترين. ڀلارو.
اِفطارُ: ذ (ع) روزي کولڻ جو عمل.
اَفعالَ: ذ (ع. فِعل جو جمع) ڪم- عمل. ليڇڻ- ڪرتوت.
اُفُقَ: ث (ع) زمين ۽ آسمان گڏ ڏسجڻ واري خيالي جاءِ- حدنظر.
اَفڪارَ: ذ (ع. فِڪرُ جو جمع) خيالَ- ويچار.
اِفلاسُ: ذ (ع) سڃائي- ڪنگاليڻو. ناداري- تنگدستي. غربت- مسڪيني.
اَفلاطونُ: ذ (ت) يونان جو مشهور فيلسوف (جنهن "الاهي حڪمت" جو بنياد وڌو). (ص) ڏاهو- عقلمند- داناءُ. حرفتي- اٽڪلي.

اَفلاڪَ: ذ (ع. فَلَڪُ جو جمع) آسمانَ- اُڀَ.
اَفواج: ث (ع. فوج جو جمع) فوجون- لشڪرَ- سپاهَ.
اَفواهُ: ذ (ع. فُوه جو جمع) هُل- هاوائو. ڊپ يا حيرت واري بي بنياد ڳالهه.
اَڦٽِ: ظ. انهي هنڌ تي- اُتي جو اتي. انهي دم. صفا- بنهه. نڙتپ.
اَڦٽ مارُ: ص. اُتي جو اتي ماري ڇڏيندڙ. صفا ماري ڇڏيندڙ.
اَڦرائو: ذ. ٻن يا وڌيڪ ڀُڙن واري گيهه ۾ ڀڪل ماني.
اِڦرڪڻُ: م. ننڊ ۾ ڳالهائڻ- وِڦلڻ. ڦُنڊڻ. اُيامڻ (ڪير).
اَقارِبَ: ذ (ع. قَرِيبُ جو جمع) ويجها مائٽ.
اِقامَتَ: ث (ع) نماز لاءِ ڪڙو ٿي بيهڻ جو عمل- بيهڪ. ٽڪڻ.
اِقبالُ: ذ (ع) بلندي- اوج- عروج. عزت- مان. ڀاڳ- نصيب. نيڪ طالع.
اِقتباسُ: ذ (ع) چُونڊ (تحرير مان ڪن لفظن جي). تصنيف ۾ ٻئي جي لکيت جو ورتل ڪجهه حصو.
اِقتدارُ: ذ (ع) طاقت- قوت. عزت- مرتبو. عهدو.
اِقتِصادي: ص (ع) معاشي- مالي.
اِقتِصاديات: ث (ع) ناڻي جي پيداوار ۽ ورهاست بابت علم.
اَقدارَ: ذ (ع. قَدرُ جو جمع) قَدرُ- مُلهه ۽ مان. گُڻَ- خصوصيتون.
اَقدامَ: ذ (ع. قَدمَ جو جمع) قدمَ- اُپاءَ وسيلا.
اِقرارُ: ذ (ع) انجام- وعدو. قول- سخن. مڃتا- قبوليت- هائوڪار.
اِقرار نامو: ذ. قبوليت يا وعدي جي لکيت-

عهدنامو.
آقربا: ذ (ع. قريب جو جمع) ويجها مِٽ مائٽ- عزيز قريب.
اقسامُ: ذ (ع. قسم جو جمع) نمونا- جنسون.
آقليت: ث (ع) ٿورڙائي.
اِقليمُ: ذ (ع) وِلايت- مُلک.
آقوامُ: ذ (ع. قوم جو جمع) قومون. فرقا.
آڪُ: ذ. هڪ مشهور وڻ.
آڪُ ٽيڙو: ذ. اڪ جي بوٽي جو ڦرُ- اڪ جو انب.
آڪ جي ماکي: سولي ڳالهه- تمام آسان ڪم.
آڪ ڪارا ڪرڻ: ڪجهه به نه ڪرڻ.
آڪ مَڪڙ: ذ. هڪ قسم جو جيت- سائو مڪڙ.
آڪن تي اٽو هارڻ: اجايا ڪم ڪرڻ. بي سود ڪوشش ڪرڻ.
آڪن سان ڳنهڻ: نقصان جهڙا ڪم ڪرڻ. ڏاڍن سان هٿ اٽڪائڻ.
آڪن کان انب گهرڻ: بخيل ۾ نفعي جي اميد رکڻ.
آڪابِرُ: ص (ع. اڪبر جو جمع) وڏو بزرگ. نالي وارو. مُدبر. ڏاهو- سيائو.
آڪاجُ- آڪاڄُ: ص. بيڪار- نِڪمو. بي همت. بي هُنر.
آڪارثُ: ص (سن) اجايو- بي فائدو.
آڪارڻ: مر. پار لنگهائڻ- بي ڪنڌيءَ رسائڻ.
آڪائونٽُ: ذ (انگ) حساب- ليکو چوکو.
آڪبَرُ: ص (ع) سڀ کان وڏو- وڌيڪ وڏو. (ذ) ڌڻي تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
اِڪتفاء: ث (ع) ڪفايت، قناعت- پورت.
آڪٽُ: ذ (انگ) ميونسپل محصول- ناڪو.
آڪثرَ: ص (ع) وڌيڪ- زياده- گهڻو. (ظ) گهڻو ڪري- عموماً.
آڪثريّتَ: ث (ع) گهڻائي- جهجائي. هڪ پارٽيءَ جي ميمبرن جي گهڻائي.
أڪَرَ: ث. ڪاليءَ، پٿر يا ڌاتوءَ تي چٽسالي جو ڪم.
أڪرَسَ: ث. ڳهٽَ- ٻوست. گرمي جو اُباءُ. رگهہَ.
أڪَرڻُ: مر. لنگهڻ. ٻيءَ پر وڃڻ- پار وڃڻ. ڪاٺ. پٿر يا ڌاتو تي چٽ ڪڍڻ.
اِڪَڙُ: ذ. هڪ قسم جو اوپڙ (خريف ۾ ٿئي).
أڪَسَ: ث. ڳهٽَ- اُبسَ.
آڪسيرُ: ذ (ع) ٽامي کي سونُ بنائيندڙ دوا- ڪيميا. هڪ ٽڪ دوا. (ص) نهايت مفيد.
أڪلاءُ: ذ. ڪم جو نيڪال- پورائو. جلدائي- ڦُڙتي.
أڪلائِڻُ: مر. جلدائي ڪرڻ- ڦُڙتي ڪرڻ. هٿ هلائڻ (ڪم ۾). نبيرو ڪرڻ. جند ڇڏائڻ.
أڪلڻُ: مر. نيڪال ٿيڻ- پُورو ٿيڻ (ڪم). پُڄڻ (ڳالهائڻ)- اُجهڻ (ڪم).
اڪَنُ چَڪَنُ: ص. عاشق- مفتون. قربان- صدقو.
أڪَندَ: ث. سِڪَ- أڪير. تانگهہ. پيار جي چِڪَ. انتظار.
أڪَندِجَڻُ: مر. سِڪڻ- أڪيرجڻ. تانگهائڻ- واجهائڻ.
أڪو: ظ. يڪو- سڄو- ڪُل. سربستو- سمورو. علي الحساب- دوم شوم. (ث. أڪي).
أڪو ڏُڪو: ظ. اٽڪل روءِ- اندازي سان- يڪوٽي.
اِڪي: ص. اهو عدد جيڪو ٻن سان ونڊي نہ سگهجي- طاق.
اِڪي ٻَڌي: ث. هڪ قسم جي ٻارائي راند.
آڪيجارُ: ظ. بي انت- بي شمار- بي انداز.
أڪيرَ: ث. دل جي چِڪَ- سِڪَ- أڪند. انتظار.

پيار– قرب.

آڪيلائِي: ث. هيڪڙائي. هيڪلائي– تنهائي. چَڙائي. نويڪِلائي– خلاصگائي.

اِڪيلڏو: ص. اڳ ڄايو (اولاد).

اڪيلو: ص. هڪڙو– ڇڙو. هيڪلو– تنها. جدا– الڳ. (ث. اڪيلي)

اَکِ: ث (سن. اَڪش) نيڻ– چشم– عينُ. نظر. وڻ يا ٻوٽي جو گوشو. وڻ ۾ ٽاري نڪرڻ وارو هنڌ.

اَک اَٽڪائڻ. اَکِ اَڙائِڻ: نينهن لائڻ– عشق ڪرڻ.

اَکِ ٻُوٽَ: ث. هڪ ٻارائي راند– لڪ لڪوٽي. چشم پوشي. بيحيائي. بي مروتي.

اَکِ ٻِجڻ: اک سان اشارو ڏيڻ. اک سان عشق جو پيغام ڏيڻ. مخفي اشارو ڪرڻ.

اَکِ تيت: ث. اٽڪل سان ڏسڻ. اڻ لڪي طرح نظرداري ڪرڻ. تاڙَ– سنڀال– نظرداري.

اَکِ پَٽڻ: اک کولڻ. سجاڳ ٿيڻ– بيدار ٿيڻ. خبردار ٿيڻ. ننڊ مان جاڳڻ. وقت ۽ حالتن کي سمجهڻ.

اَک ٻُورڻ: ننڊ ڪرڻ– ٿوري دير لاءِ سمهڻ. مري وڃڻ. بيحيا ٿيڻ.

اَکِ ڇِنڀَ: ث. اکين ڇنڀڻ جيترو وقت– کِن– پلڪ. (ظ) جهٽ پٽ ۾. جلدي.

اَکِ ڏيکارڻ: ڪاوڙ مان گهُوري ڏسڻ. دڙڪو ڏيڻ. ڏيجارڻ– هيسائڻ.

اَکِ رکڻ: چوڪسي ڪرڻ– نظرداري ڪرڻ.

اَکِ ڦڙڪڻ: اک جي پلڪن جو ڏڪڻ (سوڻ يا بدسوڻ).

اَکِ کُلڻ: سجاڳ ٿيڻ. خبر پوڻ. سمجهه اچڻ. تجربو حاصل ٿيڻ.

اَکِ لڳڻ: ننڊ اچڻ. ننڊ جي شروعات ٿيڻ. اک اٽڪڻ– پريت ٿيڻ.

اَکِ وجهڻ: گهور ڪري ڏسڻ– چتائي ڏسڻ. لالچ رکڻ. بُري نظر سان ڏسڻ.

اَکُٽَ: ص. اڻ کُٽ– بيشمار. تمام گهڻو.

اَکَرُ: ذ (سن. اَڪشَر) حرف. لفظ. سخن. ميار– ڏوراپو. سبب.

اَکر بہ اکر: ظ. حرف بہ حرف. هوبهو. سربستو– سمورو.

اَکِراڻِ: ث. ڪنهن بہ رذل شيءِ جو تر وارو سڙيل حصو– ڪُرڙ– ڪُرچڻ.

اَکِرو: ذ. مصالِحي ڪُٽڻ يا چانورن ڇڙڻ لاءِ ڪاٺ، پٿر وغيره جو ڪُونڊو.

اَکِري: ث. ڏسو "اَکرو". دروازي جي طاق ڦرڻ لاءِ چائنٺ ۾ ٿيل سوراخ.

اَکِڙَهُ: م. پاڙتون پٽجڻ. سنڌن ڪان نڪرڻ. اُڊڙڻ. ٽُٽڻ– ڇجڻ.

اَکِڙوٽُ: ذ. سُکل ميوي جو هڪ قسم.

اَکِڙِي: ث. برقعي يا چادر مان نهارڻ لاءِ اک جيتري وِٿي.

اَکو: ذ (سن. اَڪشَت) ڀاٽ يا سوڻ وقت اُڇلايل چانورَ. هندن جي هڪ ڪريا ڪرم موجب درياءَ ۾ پيٽا طور اڇلايل چانور ۽ ٽِيا.

اَکو ڦُلو: ذ. ٿورو ڪاٿو. نيرن پاڻي. ٺُڪر پاڻي. ڪوهه يا پاڻي ۾ ڏيو ۽ چانور اُڇلائڻ جي رسم.

اَکوٽو: ذ. اک جو دوڏو.

اَکوڙَهُ: م. ڪتل شيءِ کي لوڏي ڍرو ڪرڻ– اُکيلڻ. پاڙتون پٽڻ.

اَکِي: ث. ڍورن جو ويڙهہ مهل کُرن سان کوٽهڙو. ٽونو– ديهہ.

اکيہ تي کڻڻ؛ سگن تي کڻڻ. ڌمڪيون ڏيڻ. جهٽ ڦٽ ڪرڻ.
آکِياڙي؛ ث. وهٽ جي اکيہ تي چڙهيل ڪوپن تي ٻڌلجو ڪپڙو- آنڌاري.
اکيڙڻُ. اکيلڻ؛ م. اُبيڙڻ. ڪولڻ (سٽ). پاڙئون پٽڻ. تباه ڪرڻ.
اکِيو؛ ذ. ونواه ۾ ڪنوار جي منهن تي ٻڌل ڪپڙو. ڍڳي جي اکيہ تي چڙهيل ڪوپا.
اکِيونُ؛ ث (اک جو جمع) چشم- عين.
اکِيان پوڻ؛ نفرت ٿيڻ. نہ وڻڻ.
اکيہ آڇو؛ ص. بيحيا- بيشرم. انڌو.
اکيہ اڳيان؛ ظ. سامهون. روبرو. حاضر- موجود.
اکيہ ٻُوٽ؛ ص. بيحيا- بيشرم. ساڃاهہ کان نڪتل. بي مروت.
اکيہ تي ويهارڻُ؛ حد کان زياده قدر ڪرڻ. وڏي تعظيم ڏيڻ.
اکيہ ٺارُ؛ ص. نيڻن ٺار. تمام پيارو.
اکيہ ڦُورُ؛ ص. بي ساڃاهو- بي ديد. بيشرم. احسان فراموش- گڻ چور.
اکيہ ڏٺو؛ ظ. ظاهر ظهور ڏٺل.
اکيہ سان؛ ظ. دل جان سان- خوشيءِ سان.
اکيہ سَڄو. اکيہ وڏو؛ ص. معذور- انڌو.
اکيہ ۾ ڌوڙ وجهڻ؛ انڌو ڪري ڦرڻ. ويساهي ڦرڻ. دولاب ڪرڻ- ٺڳڻ.
اکيون جاءِ ڪرڻ؛ ڌيان ڪرڻ. هوش ڪرڻ. خبردار ٿيڻ.
اکيون چرخ ٿيڻ؛ حيران ٿيڻ. واٽڙو ٿيڻ.
اکيون ڦِرڙائڻ؛ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ. ڪاوڙ مان ڏسڻ.
اکيون ڦوڪارڻ؛ ڪاوڙ مان ڏسڻ.
اکيون وڇائڻ؛ انتظار ڪرڻ. نهايت عاجزي سان مرحبا ڪرڻ.
اکيون هيٺ ڪرڻ؛ لڄي ٿيڻ- شرمسار ٿيڻ. بيحيا ٿيڻ.
آگرَ. اگرچہ؛ ظ (ف) جي- جيڪڏهن- جيتوڻيڪ.
آگرُ؛ ذ. هڪ قسم جو وڻ (جنهن جي ڪاٺي خوشبودار ٿئي)- عُود.
اگريَتي؛ ث. اگر وڻ جي ٻُوري مان ٺهيل تِيلي (جيڪا خوشبودار دونهون ڏئي).
اگرَ تگرُ؛ ذ. سموري رقم ۽ سامان- هڙ مُوڙي- مُوڙي ۽ نفعو. آلهہ تلهہ.
اُگرو؛ ص. مڪروهہ- اڻ وڻندڙ (سواد). اُبڙڪا آئيندڙ. بدذائقي (ث. اُگري).
آگلائي؛ ث. ميرائي- گدلائي (ڪپڙي لئي ما).
آگِلو؛ ص. گِدلو- ميرو. (ث. آگِلي)
آگوچَرُ؛ ص. جوڏسي ۽ محسوس ڪري نہ سگهجي- الکُ. مخفي.
آگُوندَرُ. آگُوندرو؛ ص. بي غمو. بي پرواهہ. جهجهو- اڻ ميو.
آڳُ؛ ذ. مُنڍ- مُهڙ. منهن. اڳيون پاسو. مهاڳ. اڳيون وقت. (ظ) اڳيون- اول- پهريون. سامهون. اڳيان- اڳتي.
اڳُ ٻَڌڻ؛ حرفت سان ٻئي جي دل جو حال معلوم ڪرڻ- ڳلتو ٻڌڻ- اڳ وٺڻ.
اڳِيرو؛ ظ. ڪجهہ اڳتي- ٿورو اڳيان. پريرو.
اڳتي؛ ظ. اڳيرو. اڳيان. آئنده- هن کان پوءِ.
اڳُ ڀوءِ؛ ظ. اڳيان پٺيان- آڳو پيڇو. گذريل ۽ ايندڙ وقت.

اڳ پوءِ جاچڻ: دوranديشي ڪرڻ. سنڀالي قدم کڻڻ.

اڳ ڄاڻو، آڳاٻو: ص. اڳئين گهر مان ڄاول پُٽ- (ث. اڳ ڄاڻي).

اڳ ڏاڻو: ص. سڀ کان پيڙهي شاهوڪار- بنيادي تونگر.

اڳ ڦرڻ: رستو روڪڻ. رنڊڪ وجهڻ. مخالفت ڪرڻ.

اڳ ڳڻتي: ث. اڳ ويچار- دوراانديشي.

اڳ ولڻ: سامهون اچڻ- آڏو اچڻ. ڏگ جهلي بيهڻ.

آڳاڄُ، آڳاڄو: ص. اڻ ڳڻيو- ڳاڻيٽي کان ٻاهر- بيشمار.

آڳانجهُ، آڳانجهه: ص. اَٿاهه. اَجهاڳ. اڳرو- زياده.

آڳاهونَ: اڳيرو- اڳيان- اڳتي. (ث. اڳاهين).

آڳٽُ: ذ. سُٿڻ ٻڌڻ لاءِ اُبدائي ۾ پيل سوٽي يا ريشمي پٽي- ازاربند- ناڙو.

آڳٽ وجهڻي: ث. ڪاني يا ڌاتو جي سرائي جنهن سان اڳٽ وجهجي.

آڳرائي: ث. پيشقدمي- چڙهت. زيادتي.

آڳرائي ڪرڻ: چڙهت ڪرڻ. زيادتي ڪرڻ.

آڳرو: ص. وڌيڪ- زياده- سرس. مٿانهون. بهتر. تکڙو- جلدباز. زيادتي ڪندڙ. پيشقدمي ڪندڙ. (ث. اڳري)

آڳرو پوڻ: زور ۾ مٿانهون ٿيڻ. سرس ٿيڻ. زور ٿيڻ.

آڳڙڻُ: م. وصول ٿيڻ.

آڳڙو: ذ. ڪپڙي جو ٽڪر. وڏي اڳڙي.

آڳڙا ٽڳڙا: ذ. ڪپڙي جا ٽڪر.

آڳڙي: ث. ڪپڙي جو ڦاٽل ٽڪر. چٿي- ٽڳڙي. ليڙ.

آڳڪٿي: ث. پيشنگوئي- ايندڙ واقعي جي خبر.

آڳلو: ص. اڳيون. اڳوڻو. ٻيءَ ڌُر وارو- مقابل. (ث. اڳلي).

آڳواٽ: ظ. اڳ ۾- اڳي ئي- مهند- شروع ۾.

آڳواڻُ: ص. مهندار- پيشوا- سردار.

آڳواڻي: ث. رهبري- پيشوائي.

اڳو پوءِ: ظ. اڳ يا پوءِ- آخرڪار- نيٺ. هڪ ئي گهڙي. هاڻي ئي- يڪدم.

آڳوڻڪو: ظ. اڳوڻو- آڳاٽو. گذريل. قديم. پراڻو. (ث. اڳوڻڪي).

آڳوڻو: ظ. اڳ جو- آڳاٽو. اڳيون- قديم. (ث. اڳوڻي).

آڳوڻو: ص. اڳواڻ. سونهون. پانڌيڙو.

آڳهرو: ظ. ٿورو اڳ. ٿوري دير اڳ ۾.

آڳي: ظ. اڳ ۾- اول. هن ڪان اڳ- مهند- اڳي ئي. آئنده. اڳتي- اڳيرو.

اڳي پوءِ: ظ. آخرڪار- نيٺ. هرحال ۾.

آڳياڙي: ث. اڳيون حصو. منڍ- ابتدا. گهوڙي ڪي اڳينءَ ٽنگ ۾ ٻڌل رسو.

آڳيان: ظ. اڳ ۾. سامهون. آڏو. روبرو.

آڳيان اچڻ: سامهون اچڻ- روبرو ٿيڻ. آڏو اچڻ. مقابلو ڪرڻ. رنڊڪ وجهڻ.

آڳين: ص. شروع واري. منڍ واري. آڳاٽي. پهرين. (ث) ظهر جي نماز. پهرين ملهه.

اڳيون پويون وسارڻ: سڀ ڳالهيون ڇڏڻ. جملي ڏايايون معاف ڪرڻ.

آڳيون: ظ. اڳ وارو. پهريون. آڳاٽو. گذريل.

آڳهه: ذ. بها- مُلهه- نرخ.

آڳهه پارُ: ذ. خريدي قيمت ۽ وڪري واري قيمت.

آڳهه چڙهائڻ: تمدي ڪرڻ- جٽ ڪرڻ.

اَگهاڙ: ث. ننگائي– اوگهڙ. بي پردگي.
اَگهاڙڻُ: م. ننگو ڪرڻ. ظاهر ڪرڻ– پڌرو ڪرڻ. خوار ڪرڻ.
اَگهاڙو: ص. اڻ ڍڪيل– ننگو– عريان. (ث. اگهاڙي).
اگهاڙو ڪَٽي: لاوارث– نڌڻڪو. سُڃو– مفلس.
اگهاڙين پيرين: ظ. صفا سڃُو.
اَگهامَڻُ: م. قبول پوڻ. پسند اچڻ. ملهه ٿيڻ. وڪامڻ. قدر ٿيڻ.
اگهائڻُ: م. قبولڻ ڪرڻ. ٻُڌڻ (عرض، التجا).
اَگهائي: ث. بيماري– ناچاقائي. هيڻائي.
اگهائي سگهائي: بيماري ۽ صحت. چڱائي مٺائي.
اَگهڻُ: م. اگهامڻ. قبول پوڻ. قدر ٿيڻ.
اَگهَڻُ: م. صفا ڪرڻ. مِٽي ۽ مَرُ لاهڻ. چنڊڻ ٺوڪڻ.
اَگهو: ص. بيمار– مريض. ڪمزور– هيڻو. (ث. اگهي).
اگهو سگهو: ص. بيمار توڙي چڱو ڀلو.
اَگهو تِري: ث. اگهن جي فهرست. جنسن جو وچور. نرخنامو.
اَگهورُ: ظ. جنهن جو تَر لهي نه سگهجي. اونهو– عميق.
اَگار: ذ. ڪوئلا.
اگاريو: ص. اگر ناهيندڙ.
اَگارو: ذ. منگل (ڏينهن).
اَگاري: ث. آگرين جي هڪ بيماري– ٽنهن تَر. ڏندن جي هڪ بيماري. ووڻن جو هڪ مرض. مال جي ٽڻن جي هڪ بيماري. جوئر جي سنگن جو مرض– ڪاڻي.
اَگرُ: ذ. ڪوئلو.
اَگڻُ: ذ. آڳنڊ– صحن.

آلَ: ث. عيب– وڏ. چيڙ– ٽوڪ. آڏ.
آلُ: ذ. ڪانءُ جو ٻچو. اڻ آزمودگار. بيوقوف.
آلَ اَڪارڻ: چريائي جا ڪم ڪرڻ.
آلڪاڻ: ذ. ڪانءُ جو ٻچو. بيوقوف. ابوجهه.
الا: ظ (ع) ڪان سواءِ– سواءِ. ڌاران. ليڪن.
الاماسي: ظ. ڪڏهن ڪڏهن– اتفاقي– قضا سان.
الامان: ذ (ع) پناه– امن.
الاجي. الائي: ض. الله ڄاڻي– خبر ناهي. متان.
الاچي ايلاچي: ث (ف) ننڍو ڦوٽو– ڦوٽو.
الارُ: ص. لڏيل بار جو ڳرو پاسو. لڙيل– جُهڪيل.
الارڻُ: م. ڌڪ هڻڻ لاءِ هٿ مٿي ڪرڻ– ڌڪ وارڻ.
اِلهُ: ذ (ع) خدا– معبود.
اِله بالله: ث. خدا جو واسطو– التجا. منٿ ميڙ– آزي نيزاري.
الله: ذ (ع) خدا جو ذاتي نالو. هڪ خدا.
الله اڪبرُ: ذ. تڪبير جو ڪلمو (نماز جي نيت. ذبح ۽ نمري هڻڻ وقت).
الله الله ڪرڻ: الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ. تسبيح پڙهڻ. ڏک ۾ صبر ڪرڻ.
الله بيلي: الله سائين– ڌڻي مددگار. ڌڻي جو آسرو.
الله توهار: الله تنهنجي آسري. الله جو آسرو.
الله ڄاڻي: خدا کي خبر.
الله لوڪُ: ذ. خدا وارو– درويش. پهتل بزرگ. سادو سودو– پوررڙو.
الله واٽَ: ڌڻي جي راهه ۾– خدا جي نالي. مفت ۾– بناپئسي.
الله والي: خدا حافظ (موڪلائي وقت الفاظ).
الاهَر: ظ. الله جي آثار.
الاهي: ظ. خدا جي طرف کان– خدائي. تمام گهڻو–

جهجهو.

اِلاهيّات؛ ث. ذاتي تعاليٰ جي ذات ۽ صفات جو علم.

آلائونسُ؛ ذ (انگ) مقرر پگهار کان وڌيڪ لوازمو (مهانگائي الاؤنس وغيره).

اَلبَتُ؛ ظ (ع) ڪي قدر- ڪنهن حد تائين. ڪجهہ نہ ڪجهہ.

اَلبَزارَ؛ ث. گنبذ جي چوگرد ڏنل پڙويلو. قبي جي اندران چوڦير رستو.

اَلبيلائِي؛ ث. دادلائي- لاڏ- چاڳ. بيپرواهي.

اَلبيلو؛ ص. دادلو- لاڏلو. اَنگلي- نخريلو. پيارو- چاڳلو. (ث. اَلبيلي).

اَلبُ؛ ص. اڻ لبي- ناياب. قيمتي.

اِلتِجا؛ ث (ع) منٿ- عرض- گذارش.

اَلتَحيّات؛ ث (ع) نماز ۾ ويهڻ وقت پڙهڻ جي دعا.

اِلتِماسُ؛ ذ (ع) عرض. وينتي. التجا.

اِلتِوا؛ ث (ع) ڪنهن ڪم کي ٻئي وقت تائين ترسائڻ جو عمل- مهلي.

اُلتو؛ ص. لٽو (سج). (ذ) ترجمو.

اِلتائِڻُ؛ م. اُونڌو ڪرڻ. اُبتو ڪرڻ. پلٽڻ. اوتڻ (تانءِ).

اُلٽو؛ ظ. اٿليل- ابتو- اونڌو. ڦريل- برخلاف. اٿلندو- مرڳو. (ث. اُلٽي).

اُلٽي؛ ث. ڦي- ڪَي- اُڳل.

اَلجَهڻُ؛ م. ڦاسڻ- اٽڪڻ. منجهڻ. معاملي ۾ ڦاسڻ.

اِلحادُ؛ ظ (ع) دين کان ڦرڻ جو عمل. بيديني.

اِلحاقُ؛ ذ (ع) ڳانڍاپو- لاڳاپو- شموليت.

اِلحانُ؛ ذ (ع. لحنُ جو جمع) مٺو آواز- مِٺو سُر.

اَلحَمدُ؛ ث (ع) قرآن شريف جي پهرين سوره جو پهريون لفظ. هر قسم جي ساراه. شڪرانو.

اَلحَمدُلله؛ سڀ ساراه الله پاڪ کي آهي- الله جو شڪرانو.

اُلَرَ؛ ث. ڪاهہ- جُلهہ. وڙهڻ يا ڏڪ هڻڻ لاءِ هلان.

اُلڙڻُ؛ م. اُڪرڻ. لَڏڻ- ڏڻ.

اِلزامُ؛ ذ (ع) تهمت- بهتان.

اَلَستُ؛ ذ (ع) ڇا. مان آهيان؟ ميثاق وارو قول. ازل.

اَلستُ بِرَبِڪُم؛ آءُ اوهان جو ربُ ناهيان؟ (ازل واري ڏينهن خدا تعاليٰ جو ارواحن کان سوال، جنهن جو جواب ڏنائون "قالوابليٰ").

السَّلامُ عَلَيڪُم؛ (ع) اوهان تي سلامتي هجي (جنهن جو جواب تہ "وَعليڪُم السَّلام" يعني ۽ اوهان تي بہ سلامتي هجي).

اِلسِي؛ ث. هڪ قسم جو خوشبودار ٻُوٽو.

اَلغارَ؛ ث (ت) اوچتو حملو- ڪاهہ- يلغار. لُٽ مار.

اَلغاروه ڪرڻ؛ موجون ڪرڻ. گهمندو رهڻ.

اَلغَرضُ؛ ص (ع) بيپرواهہ- (ظ) حاصل مطلب.

اَلغَرضائي؛ ث. بي پرواهي. ڪَن لاٽارُ.

اَلغوزا؛ ذ (ف) هڪ قسم جو ساز (بينُن جو جوڙو)- بِينُون- پاوا.

اَلِفُ؛ ذ (ع) "الف- بي" جو پهريون اکر. (ص) اگهاڙو- نانگو. سِڌو. اُڀو.

اَلفاظ؛ ذ (ع. لفظ جو جمع) لفظ. ٻولَ. گفتا.

اَلفاظ ڪيڻ؛ گهٽ وڌ ڳالهائڻ- گاريون گند ڏيڻ.

اُلفَت؛ ث (ع) پيار- محبت- پريت.

اَلفِي؛ ث (ع) ٻانهن کان سواءِ ڊگهو پهراڻ- ڪفني.

اَلقابَ؛ ذ (ع. لقب جو جمع) اعزازي خطاب.

اِلقاءُ؛ ذ (ع) اندر جو آواز. الهام.

اَلقِصَّہ؛ ذ (ع) حاصل مطلب- قصو ڪوتاه.

اُلڪو؛ اونو- انتظار- اوسيڙو. اُڌڪو- انديشو.

ويچار- فڪر، ڦُرڪر.

آلڪُ: ص. غيرمحسوس- اڻ لکو.

الڳ: ظ. جدا- ڌار، پري. اڪيلو- تنها.

الڳ الڳِ: ظ. جداجدا- ڌار ڌار، پري پري.

آلمُ: ذ (ع) رنج- ڏک- غم- اندوه.

المناڪُ: ص. درد انگيز- افسوسناڪ.

الماسُ: ذ (ع) هيري جو هڪ قسم.

الماڙِي: ث (پرتگالي) ڪٻٽ.

آلمستُ: ص. چٽ چريو- بنهه مستانو.

آلڻُ: م. ڪوڙ ڳالهائڻ. انڪار ڪرڻ. سچي نه ڪرڻ.

آلو: ذ. ڪافيءَ ڳائڻ وقت "الو ميان" چوڻ.

آلو ميان ڪرڻ: "الله ميان" جي لفظن سان ڳائڻ شروع ڪرڻ. بي اونو ويهڻ.

اَلو: ذ. چٽنگ. شملو. ڄِيي.

اَلوُ: ذ. چبرو. (ص) بيوقوف- احمق.

اِلو پلو: ذ. اٽي ڏکر راند ۾ ٻن ڏکن هڻڻ جو داءُ.

آلو پلو: ذ. نالي ماتر ڪم.

آلوٽُ: ص. نشي ۾ ٽُٻ- مدهوش. مخمور- سرشار.

آلوپُ: ص. گم- غائب.

آلوداعَ: ث (ع) موڪلائي. رخصت.

اَلوڙَهه، اَليڙهه: م. اڪوڙڻ. ڏوڏڻ- لوڏڻ (ٽوڻي وغيره).

اَلوڙي رکڻ: اڪوڙي ڇڏڻ. سَنڌ سَنڌ جدا ڪرڻ. عضوا چُور ڪرڻ.

آلوِل: ث. سک. مزو. فرحت. عيش.

آلوِليوه مائڻ: خوشيون ڪرڻ. موجون مائڻ. مزا مائڻ. فرحتون وٺڻ. عيش ڪرڻ.

آلوَلُ: ص. چريو- ديوانو.

آلوَل جَلوَل: ص. فضول- بيڪار. اڻنگو. بي اقبالو.

اَلوٽو: ص. لوڻ کان سواءِ- ڦِڪو- بي سواد. (ث. الوٽي).

اَلوَنا تِٿَ: ذ. اجائي بڪ. بيهوديون ڳالهيون. وڏيون ٻٽاڪون.

اُلوهيتَ: ث (ع) ڌڻي جي ذات. وحدت جي حقيقت.

اِلهامُ: ذ (ع) اندر جو خدائي آواز- اِلقاءُ.

آلهُ تلهَ: ذ. اگر تگر- هڙ موڙي. سامان سڙو. اَرڪو ترڪو- سموري ملڪيت.

آلهڙُ: ص. سيڪڙاٽ. ناتجربيڪار.

آلهندو: ذ. سج لهڻ وارو طرف- اولهه.

اَلهَڻُ: م. نهڻ- هيٺ اچڻ. غروب ٿيڻ (سج،چنڊ تارا وغيره).

اُلهي ڪُلهي: ظ. ڪرائي کان ڪُلهي تائين (چُوڙ يا ٻانهين).

آلِي: ث. ڳهه جو هڪ قسم. چاندي يا سون جو جڙادار ٽڪلو جيڪو نراڙ تي ٻڌبو آهي.

اُلِي: ث. گهٽي اُڃ لڳڻ جي بيماري. گهٽي اُڃ- ڏوگهو. هيچ.

آليانُ: ذ. هڪ قسم جو لوهي لغام (جو وچ ۾ مڙيل هوندو آهي).

اِليڪشَن: ث (انگ) ووٽن رستي چونڊ- انتخاب.

اُليل: ث. محبت جي ڇِڪَ. عشق جي اُڪِير. پريت.

آليهَرُ: ذ. ڪاريهر نانگ.

اُمُ: ث (ع) ماءُ.

اُمُ المؤمنين: ث. مومنن جي ماءُ. بيبي عائشه رضه جو لقب.

اَمَر: ظ. هميشه- سدائين.

اَمرُ لاءِ وڃڻ: عمر کي وڃڻ- هميشه لاءِ وڃڻ.

آما، آمان: ث. ماءُ- امڙ.

اِمارَت؛ ث (ع) اميري. سرداري. حڪومت.
آمّارو؛ ذ (ع. آمّاره) بڇڙاين لاءِ آماده ڪندڙ نفس.
اُمارو؛ ذ. سانباهو- قصد.
اُماڙُ؛ ذ. پرندڙ بُند. وڏي باھ.
اُماڙِي؛ ث. پرندڙ ڪاني. چڻانٽي.
اُماڙي ڏيڻ؛ چُوچڙي ڏيڻ. ڏنب ڏيڻ. باھ ڏيڻ.
اُماسُ؛ ذ (هہ. اُماوس) ڪاراڻ- اونداهي. چنڊ جي اناويهين تاريخ (جنهن ۾ چنڊ ظاهر نہ ٿيندو آهي).
اُمالڪَ؛ ظ. اوچتو- ناگاه. يڪدم- جهٽ پٽ.
اِمامُ؛ ذ (ع) اڳواڻ. رهبر. سردار. مذهبي رهنما. فن يا علم جو وڏو ماهر. نماز ۾ جماعت جو اڳواڻ.
اِمامَتَ؛ ث. اڳوائي. پيشوائي. سرداري.
آمانَ؛ ث (ع) پناه- حفاظت. سلامتي.
آمانِي؛ ص. امانت طور رکيل، اعتباري. بنا ٻول (ڪم).
آمانَتَ؛ ث (ع) حفاظت خاطر رکيل شيءِ. ديانتداري. امين جو فيصلو.
آماڻَ؛ ث. آمانَ. امانت.
اُماڻُ؛ م. موڪلڻ. روانو ڪرڻ. ڪجهہ اڳيرو ڪرڻ.
اُمتَ؛ ث (ع. اُمّہ) ڪنهن نبيءِ جي پوئلڳ قوم. پيروي ڪندڙ گروھ.
اُمتِي؛ ص. پيروڪار- پوئلڳ- مُقلدَ.
اِمتِحانُ؛ ذ (ع) آزمائش- پرک. شاگردن جي تعليمي استعداد جو جائزو.
اِمتِزاجُ؛ ذ (ع) ملاوت- آميزش. ٻن يا زيادہ شين جي تحليل.
اِمتِيازُ؛ ذ (ع) فرق- تفاوت. تميز- ساڃاھ.
اِمدادَ؛ ث (ع) مدد طور ڏنل رقم. عطيو- بخشش. چندو. عنايت.
آمَرُ؛ ص. جو مري يا ناس نہ ٿئي. سدائين جيئرو- زنده جاويد. لازوال- عيرفاني.
اَمرُ؛ ذ (ع) حڪم- فرمان. اجازت- اذن. قضا. لکيو (خدا جي طرفان). تقدير. ارادو. گرامر موجب حڪومت ڏيڻ لاءِ حڪم ايندڙ لفظ.
اَمرِ اِلاهي؛ ذ. خدائي حڪم. قضا- قسمت. تقدير جو لکيو.
اَمراضَ؛ ذ (ع. مَرض جو جمع) بيماريون- روڳَ.
اُمراء؛ ذ (ع. امير جو جمع) اميرَ- سردار. معزز.
آمِڙِ؛ ث. ماءُ.
اِمڪانُ؛ ذ (ع) ٿيڻ- ٿيڻي. مجال- طاقت. شڪ- انديشو.
آمڪو ڊِمڪو؛ ذ. رواجي ماڻهو. ڊِيرو مَيرو.
آمَلُ؛ ذ. آفيم.
آملِي؛ ص. آمل کائيندڙ- آفيمي.
اِملا؛ ث (ع) صورتخطي.
اِملاڪَ؛ ث (ع. مِلڪَ جو جمع) ملڪيت- دولت. جائداد.
اَمُلهہ؛ ص. بي بها- بيحد قيمتي.
اَمُلهہ مائڪ؛ ذ. بي بها هيرو. قيمتي وٿ.
اَمنُ؛ ذ (ع. اَمن) صلح. پناھ- حفاظت. سلامتي- بچاءُ. آرام- سک.
اَمن اَمانُ؛ ذ. صلح سانت. سلامتي. پناھ.
اُمنگُ؛ ذ. موج. جوش. جذبو- اُڌمو. ريجھ- ڀُور. اُتساھ.
اُمهائڻُ؛ م. تکر جو ڪورو ٿاڻ؛ استعمال کان اڳ پاڻي ۾ ڀُسائي ڇڏڻ.
آمهِڙو؛ ص. اُبتو چاول ٻار يا ڦرُ (يعني اول ٽنگون

اچن، اهڙو ويم ڏکيو ٿيندو آهي). (ث. آمهڙي)

اُمّي؛ ص (ع) اڻ پڙهيل. (ذ) حضور پاڪ جن جو لقب.

اُميدَ؛ ث (ف) آس– تمنا. توقع. آسرو.

اُميدوار؛ ص. آسائتو– آسروند. گهورو– خواهشمند.

اُميد واري؛ ث. آس اميد. حمل. (ص) حامله.

اَميرُ؛ ص (ع) سردار– سالار– اڳواڻ. حاڪم. دولتمند– شاهوڪار.

اَميرُ البَحر؛ ذ. بحري فوج جو وڏو عملدار.

اَميرُ المؤمِنينُ؛ مسلمانن جو حاڪم. نبي سڳوري جي خليفن جو لقب.

اَميري؛ ث. سرداري. حاڪمي. بادشاهي. شاهوڪاري– تونگري.

اُميري؛ ث. ڪورڪي اصطلاح موجب تاجيءَ جي ٽتل تند جي بن پُڇڙين کي ڳنڍي وٽ ڏيئي ٽنل ڳنڍ.

اَمينُ؛ ص (ع) امانت وارو. ايماندار. حقي فيصلو ڪندڙ. ثالث– ٿياڪر. (ذ) نبي سڳوري جن جو لقب.

امين وارو؛ پن ڌرين جي نبيري لاءِ ڪو ٽيو ماڻهو تجويز ڪرڻ.

اَنُ؛ ذ. اناج– غَلہٗ.

اَنُ پاڻي؛ ذ. داڻو پاڻي– آب داڻو. چُوڳو. رزق.

اَنّ داتا؛ ذ. رزق رسائيندڙ– رازق. راجا– حاڪم.

اَنَ؛ ث. ڏُنبي يا گهٽي جا وار– پشم.

اَناالحَقُ؛ ذ (ع) "آءٌ خود حق آهيان" (منصور حلاج جو بيخودي وارو نعرو).

اَناثُ؛ ص (سن) نڌڻڪو– لاوارث. يتيم.

اَناجُ؛ ذ. هر قسم جو اَنُ.

اَنادِ؛ ذ (سن) جنهن کي شروعات نہ هجي– ازل.

اَنارُ؛ ذ (ف) ڏاڙهون.

اَنار دانا؛ ذ. ڏاڙهون جا سُڪل دانا.

اَناڙي؛ ص. اڻ آزمودگار. اڻ سکيل (هنر). اڻ سڌريل. بيوقوف– جاهل.

اَنانُ؛ ص (ع) چريو– مست. پنهنجي مُنهن ڳالهائيندڙ.

اَنانِيَت؛ ث (ع) پاڻپڻو– خودي. خودپرستي.

اَنبُ؛ ذ. هڪ مشهور ميوو.

اَنبُ چُورُ؛ ذ.سڪل انبڙين جو چُورو (مصالحي طور ڪم ايندڙ).

اَنبارُ؛ ذ (ف) ڍڳ– ڍير. اَنّ جي بارِ.

اَنباري؛ ث (ف. عماري) پالڪي– ڏولي. هاٿيءَ جي هودي– هنياري. محفو.

اَنباري چڙهڻ؛ وڏي درجي کي پهچڻ.

اَنبَرُ؛ ذ (سن) آسمان– آڪاس. فضا. هڪ قسم جو خوشبودار وکر.

اَنبڙي؛ ث. اڻ پڪل انب– ڪچو انب– انبي.

اِنبِساطُ؛ ذ (ع) خوشي. فرحت. مزو. عيش.

اَنبُورُ؛ ذ (ف) ڪوڪن ڪڍڻ لاءِ هڪ لوهي اوزار– جَنبُور.

اَنبُوري؛ ث (ف) ننڍو انبورُ– جَنبُوري.

اَنبوهُ؛ ذ (ف) ميڙُ– هجوم (ماڻهن جو).

اَنبِياءُ؛ ذ (ع. نَبي جو جمع) نبي سڳورا– پيغمبر.

اَنبِيو؛ ذ. قلمي نسخي ۾ هڪ صفي جي آخر ۾ لکيل ٻئي سامهون واري صفحي جو پهريون لفظ.

اَنبي؛ ث. ديگ ۾ گهماڻ لاءِ ڪاٺ جي ڊگهي ڏوئي.

اَنتُ؛ ذ (سن) آخر– پڇاڙي– ڇيهہ. اندر جو راز– ڳجهہ. حياتي جو خاتمو– موت.

اِنتِباهُ؛ ذ (ع) تنبيهہ– تاڪيد. چتاءُ. اطلاع.

اِنتِخابُ؛ ذ (ع) چونڊ. ڏُني ڪڍڻ. نثر يا نظم جو چونڊيل ٽڪرو.

اِنتخاباتَ: ذ (ع. انتخاب جو جمع) چونڊون (ووٽن ذريعي). اليڪشن.

اَنترو: ذ (سن) راڳ ۾ "آستائي" (ٽلهه) کان پوءِ "مصرع" جي چوٿي يا ٻار.

اِنتسابُ: ذ (ع) نسبت- لاڳاپو. تصنيف کي ڪنهن جي نالي منسوب ڪرڻ.

اِنتشارُ: ذ (ع) ٽوٽ- وکوڙ. ڇڙوڇڙ ٿيڻ. مونجهارو.

اِنتظارُ: ذ (ع) واٽ ڏسڻ- اوسيڙو. اونو.

اِنتظامُ: ذ(ع) بندوبست- اهتمام. جوڙجڪ- ترتيب. سرشتو.

اِنتقالُ: ذ (ع) هڪ هنڌان ٻئي هنڌ وڃڻ جو عمل- روانگي. لاڏاڻو- وفات.

اِنتقامُ: ذ (ع) وير- بدلو.

اِنتها: ث (ع) پڇاڻي- پڇاڙي- توڙ- آخر. تڪميل.

اِنتهاپسند: ص. ملڪي سياست ۾ ڪٽر نظريي وارو.

اِنٽرويُو: ذ (انگ) ملاقات. ملاقات دوران معلومات جي پڇا ڳاڇا.

اَنجامُ: ذ (ف) پڇاڙي- خاتمو. عاقبت- نتيجو. وعدو- اقرار- وچن.

اَنجام شڪني: ث. وعدي خلافي- اقرار جي ڀڃڪڙي.

اَنجامي: ص. انجام وارو (ماڻهو). ٻول پڙل.

اَنجُمُ: ذ (ع. نَجم جو جمع) تارا. تارو- ستارو.

اِنجمادُ: ذ (ع) ڄمڻ (پاڻي. برف وغيره) جو عمل.

اَنجمَن: ث (ف) جماعت- سڀا- سوسائٽي.

اَنجمَنَ آرا: ص. محفل سينگاريندڙ.

اِنجنيرُ: ذ (انگ) پاڻي ۽ اڏاوتن جي ڪم جو ماهر.

اِنجنيري ڪاٽو: ذ. پاڻي. رستن ۽ عمارتن جي سنڀال جو ڪاٽو.

اِنجڻ: ث (انگ) مَشين- ڪَلَ.

اَنجيرُ: ذ (ف) هڪ قسم جو ميوو.

اِنجيس: ذ (انگ) در يا دريءَ جي طاقن کي جهليندڙ لوهي ڇپڙي.

اِنجيلُ: ذ.(ع) حضرت عيسيٰ تي نازل ٿيل ڪتاب.

اِنچُ: ذ (انگ) هڪ فوٽ جو ٻارهون حصو.

اِنچارج: ذ (انگ) ٻئي جي ٻاران ڪم سنڀاليندڙ- عيوضي.

اَنچُورُ: ص. جهجهو- جام. ڍڳ.

اِنحرافُ، اِنحرافي: ذ (ع) حڪم مڃڻ کان انڪار. حڪم عدولي. نافرماني- سرڪشي.

اِنحصارُ: ذ (ع) آڌار- دارومدار.

اِنحطاطُ: ذ (ع) تنزل. ڪمي- گهٽتائي.

اَندازُ: ذ (ف) طرز- نمونو- ڍنگ. ٻول- ٻيهڪ. وزن. مقدار. ڳاڻيٽو. ڪَٽ- تخمينو. (ص) اُڇلائيندڙ. مرڪب لفظن ۾ ڪم ايندڙ پڇاڙي (تير انداز وغيره).

اَندازو: ذ. ڪٽ- تخمينو.

اَندامُ: ذ (ف) لڱَ- عضوو- انگُ.

اَندرِ: ظ (ف) منجهه- ۾.

اَندَرُ: ذ (ف) اندريون پاسو- وچ- منجهه. دل- قلب. راز. ڀيد.

اَندر اُجارڻ: قلب تان ڪٽ لاهڻ. من کي پاڪ ڪرڻ.

اَندرَ ٻاهَرُ: ذ. ظاهر باطن. شعور ۽ لاشعور. (ص) گهر ۾ غيرموجود- مسافري ۾.

اَندر ڪُندو: ص. حاسد- ساڙوندو. منافق.

اَندر وارو: دل جو قاضي- ضمير.

اِندراجُ: ذ (ع) دَرج ڪرڻ جو عمل- داخلا.

آنڊروُن: ظ (ف) اندريون- وچون.
آنڊروُني: ظ. اندريون. لڪل- ڳجهو. باطني. معنوي.
آنڊرين: ث. مَلهه ۾ اندرئين پاسي وارو جانئو.
آنڊريون: ص. اندر وارو. باطني. (ث. آنڊرين).
آنڊوهُ: ذ (ف) غم- ڏک- افسوس.
آنڊوهناڪ: ص. دردناڪ- ڏکدائڪ.
آنڊيشو: ذ (ف. انديشہ) گمان. امڪان. ڊپ- ڪنڪو- اُڌڪو.
آنڌُ: ذ. آنڌائي. جهالت. تڪبر- مغروري.
آنڌُ تي چڙهڻ: ظلم تي سندرو ٻڌڻ. ڌاڍ ڪرڻ.
آنڌارو: ذ. اونده- تاريڪي- سياهي (رات جي).
آنڌاري: ث. اوندهہ. وهٽ کي ٻڌل اکياڙي. آنڌ (اکين اڳيان).
آنڌائي: ث. نابينائي- انڌپڻ. مستي (نشي جي). بيپرواهي. جهالت. بيحيائي. تڪبر.
آنڌپُڻُ: ذ. انڌائي. جهالت. جوش. ڪاوڙ.
آنڌ ڌُنڌ: ذ. اوندهہ انڌوڪار. بدانتظامي. وڳوڙ. بي انصافي. ظلم.
آنڌڪارِ: ث. اوندهہ. ڪاري ٻاڙ.
آنڌو: ص. اکين وڏو- نابين. ناشناس. بي شرم. بيپرواهہ. مست (نشي ۾). مغرور. جاهل- گمراهہ. (ث. آنڌي).
آنڌو اُونڌو ٿيڻ: اکيون پوري لڳو رهڻ (ڪم ۾). خذمت چاڪري ڪرڻ. اکن چکن ٿيڻ.
آنــڌي جي لٺ: پيريءَ جو سهارو. گذران جو وسيلو. پرجهلو. ٽيڪ- سهارو.
آنڌُوڪارَ: ث. گهگهہ اونداهي. جهڪ يا جهڙ سبب ٿيل اوندهہ.

آنڊي: ث. ڪِنار- وَٽ (ڪپڙي جي). درياءَ جي وڪڙ واري جهنڊ.
آنڌيرُ: ذ. انڌ ڌنڌ. بي انصافي- انياءُ. ظلم- ڌاڍ.
آنڌير نَگري: ث. جنهن شهر ۾ انصاف نہ ملي. ظلم جو شهر.
آنڊَ: ث. بهانو- عذر. آڙ- آڏ.
آنڊ وٺڻ: بهانو ڳولڻ. آڙ وٺڻ.
آنڊاءُ: ذ. آلي ميٽيل پٽيءَ تي قلم سان اکرن جا نشان.
اِنڊَ لَٺِ: ث. برسات ۾ آسمان تي ظاهر ٿيندڙ ستن رنگن وارو ڪماني پٽو- قوس قزح.
آنسُ: ذ (سن) اڀور انگ جو مٿيون انگ.
اِنسُ: ذ (ع) ماڻهو. انسان ذات.
اُنسُ: ذ (ع) محبت- پيار- الفت. انساني همدردي.
انسابَ: ذ (ع. نَسَب جو جمع) نَسلَ- پيڙهيون. خاندانَ. شجرا.
اِنسانُ: ذ (ع) آدمي- ماڻهو- بشر.
اِنسانيت: ث. آدميت- ماڻهپو. شرافت- اخلاق. فضيلت.
اِنسدادُ: ذ (ع) روڪ- بندش.
اِنشاء: ث (ع) خط و ڪتابت جا اصول. مضمون نويسي. اعليٰ درجي جي عبارت.
اِنشا پَردازي: ث. مضمون نويسي. اعليٰ درجي جي عبارت آرائي. ادبي ڍنگ جي لکڻي.
انصارُ: ص (ع. ناصرُ جو جمع) مددگار- واهرو. (ذ) مديني جا مسلمان جن نبي سڳوري ۽ سندن مهاجر اصحابن کي پناه ڏني هئي.
اِنصافُ: ذ (ع) عدل- نياءَ- داد.
انصاف ميڻ: قدر ڪرڻ. داد ڏيڻ. ساراهڻ- ڳڻ ڳائڻ.

اِنعامُ؛ ذ (ع) بخشش. سوغات– سوکڙي– تحفو.
اِنعامر اِڪرامَ؛ ذ. بخششون ۽ عزتون. سوکڙيون پاڪڙيون– تحفا تحائف.
اِنفرادي؛ ص (ع) اڪيلو– تنها. ڌار ڌار– شخصي طرح.
اِنفرادِيتَ؛ ث (ع) يڪتائي. شخصيت. علحده. خاصيت.
اِنقِلابُ؛ ذ (ع) ڦيرو– گردش. تبديلي. حڪومت جو ڦيرو. حڪومت جي تبديلي لاءِ تحرڪ.
اِنڪارُ؛ ذ (ع) ناڪار– نابري. نہ مڃڻ. حڪم عدولي.
انڪاري؛ ص. نہ مڃيندڙ– نابري واريندڙ– مُنڪر.
انڪِسارُ؛ ذ (ع) عاجزي– نوڙت– نهٺائي.
اِنڪِشافُ؛ ذ (ع) ڍڪ لاهڻ– پردو لاهڻ. کولي ظاهر ڪرڻ. اظهار. پڌرائي.
اِنڪُوائِري؛ ث (انگ) جاچ جوچ.پڇا ڳاڇا– تفتيش.
آنگُ؛ ذ. عدد. عضوو. بدن– جسم.
انگ اکر. ذ. حساب ڪتاب جو تفصيل.
آنگ اُگهاڙو؛ ص. ننگو. مسڪين– غريب.
انگَباز؛ ص. ملهہ جا انگ ڄاڻندڙ. انڪلي. حرفتي.
آنگي حسابُ؛ ذ. حسابن جو ڪتاب– رياضي.
آنگاسُ؛ ذ. جهنڊو– علمُ– نيزو.
آنگريزُ؛ ص. انگلنڊ جو رهاڪو– فرنگي. گورو.
انگريزي؛ ث. انگريزن جي ٻولي.
آنگڙ ڀنو؛ ص. ڏنگو ڦڏو– اِنگڙ ونگڙ. (ذ) هڪ قسم جي ٻاراڻي راند.
آنگڙو؛ ذ. ڪُنڍو. آنڪڙو. ڪاٺيءَ ۾ ٻڌل ڪنڍو يا وريل ڪاٺي (جنهن سان وڻن مان ميوو پٽجي). ڏنگو ڦڏو اکر. ملهہ جو هڪ داءُ– ڄاڻٺو. انگ جو اسم تصغير– عضوو.
آنگڙا وهائڻ؛ ڏنگا ڦڏا ليڪا ڪڍڻ. بي معنيٰ اکر لکڻ.
اِنگڙ وِنگڙ؛ ص. ور وڪڙ وارو– ڏنگو ڦڏو. مُنجهيل.
آنگڙيارو؛ ص. ور وڪڙ وارو– ڏنگ ونگڙو– پيچدار.
آنگشت؛ ث (ف) آڱر.
آنگشت نمائي؛ ث. آڱر کڻڻ– عيب جوئي. خواري– بدنامي.
آنگشتانو؛ ذ (ف) پرت يا ٽوپي وقت سُئيءَ کان بچاءَ لاءِ آڱر تي چاڙهيل لوهي ٽوپي.
آنگلُ؛ ذ. ماٺو– ڪوڏ– لاڏ. ناز– نخرو.
آنگل آرا؛ ناز نخرا– ماڻا. لاڏ ڪوڏ.
آنگڻُ؛ مر. انگ هڻڻ. نشان ڪرڻ. ذبح ڪيل جانور جي ڪل لاهي عضوا جدا جدا ڪري وڍڻ.
آنگوچو؛ ذ. گوڏ ٻڌڻ جو ڪپڙو– پوتڙو.
آنگُورَ؛ ذ (ف) هڪ قسم جو ميوو. گونچُ– گوشو. ٻُور. زخم جي سوڄ. ڦٽ جو پڪل مُنهن.
آنگُور ڪڍڻ؛ گونچ ڪڍڻ– گوشا ڪڍڻ– مورجڻ (وڻ).
آنگورجَڻُ؛ مر. مورجڻ (وڻ). گونچ يا گوشا ڪڍڻ. پرجڻ (ڦٽ. زخم).
آنگِي؛ ث. چولي– ڪَنجري. گج جو اڌ.
آنگيِٺي؛ ث. لوهي چُلهہ– سِگري.
آنگهہُ؛ ث. ڪاٺيءَ جي وريل ڪُتَ (جنهن ۾ اٽڪي سان رهڙ اچي يا ڪپڙي کي چير اچي). چيرُ. ڇَهڪُ.
اُنگهو؛ ص. بنا گيهہ (ٿڃ)– رکو. پاڻيءَ جهڙو ڦڪو. پَتڙو.
اَنوارَ؛ ذ (ع. نُورُ جو جمع) تجلا– چمڪا.

اِنواعَ: ذ (ع. نوع جو جمع) قسم- نمونا.
انوکو: ص. نرالو- نيارو. عجيب. (ث. انوکي).
انومانُ: ذ. اندازو- ڏڪو. گمان- قياس.
انهدُ: ذ (سن) اندر جو آواز- مَن واڻي.
اِنهماڪُ: ذ (ع) غور. مَحويت. سخت مشغولي. انتهائي شوق.
انهيارُ، انهيَرُ: ذ. شادي جي رسم ۾ گهوٽ جو محافظ- اهتَرُ.
اِنياءُ: ذ (سن) بي انصافي. ظلم- انڌير.
اَنيسُ: ص (ع) دوست. گڏ وندر ورونهہ ڪندڙ.
انيڪُ: ص (سن) گهڻا- بيشمار.
اڻ، اڻَ: ظ (سن. اَن) نہ- بغير- سواءِ- کان سواءِ. مرڪب لفظن ۾ صفاتي اڳياڙي طور ڪم ايندڙ (جيئن اڻ موٽ، اڻ وڻندڙ وغيره).
اڻ ٻُونيو: ص. پرڏيهي- غيرملڪي. مسافر. ڌاريو.
اڻ ٿِيڻي: ث. نہ ٿيڻ جهڙي. نہ ٿي سگهڻ جهڙي. ناممڪن.
اڻ پُڄو: پڄڻ کان سواءِ- بنا پڄڻ جي. پڪ سان- يقيناً. (ث. اڻ پُڄي).
اڻ جوڳو: ص. نہ سونهندڙ- نامناسب- اجوڳو. ڪُڌو (ڪم).
اڻ ڏٺل: ص. نہ ڏٺل. ڏسڻ کان سواءِ. غائبانہ- پريت.
اڻ رِهائيندو: ص. ناروا- نامناسب. شرع جي خلاف (سڳ جو رشتو)- ناجائز. (ث. اڻ رهائيندي).
اڻ سِڌو: ص. وَر وارو- ڏنگو- ڦِڏو. (ث. اڻ سِڌي).
اڻ سَرَندي: ث. بي پهچي- بي طاقتي. بي وسي- لاچاري.

اڻ سُونهون: ص. اڻ واقف. بيخبر.
اڻ ڪوٺيو: ص. بنا سڏ يا دعوت جي- بي دعوتو. (ث. اڻ ڪوٺي).
اڻَ ڳُسُ: ص. نہ ڳُسندڙ- بي خطا. اڻ ٽر. دلير.
اڻ ڳڻيو: ص. ڳڻڻ کان ٻاهر- بي انداز. بيشمار.
اڻ گهڙيو: ص. جو گهڙيل ٺهيل نہ هجي- بي ڊولو. اڻ سڌريل.
اڻ لائق: ص. نامناسب. اڻ جوڳو. ناقابل.
اڻ لڀُ: ص. نہ لڀندڙ. ناياب. نهايت قيمتي- بي بها.
اڻ لکو: ص. جو محسوس ڪري نہ سگهجي. تمام ننڍڙو- ذرڙو. بي اثر (ث. اڻ لکي).
اڻ مُوافِقُ: ص. نہ ٺهڪندڙ. نابرابر- ناموزون.
اڻ موٽُ: ص. موٽي نہ ايندڙ. اڻ ٽر- اٽل. بهادر- پهلوان. اڻ ڳس.
اڻ مَيو: ظ. جو ماپي يا مَئي نہ سگهجي. بي انداز- بي شمار. تمام گهڻو. (ث. اڻ مئي).
اڻ واقفُ: ص. اڻ سُڃاڻُو. نہ ڏٺل. ڌاريو. اڻ ڄاڻ. اڻ سونهون. بيخبر.
اڻ وَڻتَ: ث. ناسازي- اڻ ٺاهہ. نااتفاقي- ڪلفت.
اڻ هُوند: ث. مال ملڪيت نہ هئڻ جي حالت- ڪنگالي- غربت- مفلسي. عدم موجودگي.
اڻاٺِ: ث. مينهن نہ وسڻ جي حالت- اوسر. قحط. ڪوٽ- ڪمي- قلت.
اڻاسو: ص. بي نڪو- بي شرم. ٽود. نِڌورو. (ث. اڻاسِي).
اڻانگو: ص. ڏکيو- مشڪل- اوکو. (ث. اڻانگي).
اڻاوَتَ: ث. اڻڻ جو نمونو. اڻڻ جو ڪم. اُڻت-اوڄُ.
اڻائِڻُ: م. ڪپڙو ٺهرائڻ- اُڻاوت ڪرائڻ.
اڻائو: ص. ڏکيو- اوکو- اهنجو. مخالف (واءُ). (ث.

آلائي).

آلبَهْتَ؛ ث. بي اتفاقي- ناسازي- اڻ ٺاهه. ڪلفت. تڪرار- مخالفت- دشمني.

آليو؛ ص. بنا سڄي جي- بنا گيهه يا تيل جي- رکو. سکل- خشڪ. (ث. آلي).

آلت؛ ث. الڻ جو ڪم- اوجو- الاوت. الڻ جو نمونو.

آلِ ٿلِ؛ ث. ڳڻتي- چنتا. هُرکر- آنڌ مانڌ. انتظار.

آلپوڙ؛ ذ. ڳڻل انگ. رياضي موجب ڳڻل انگن وارا حساب.

آلجاڻُ؛ ص. نـ ڄاڻندڙ. ناواقف- اڻ سونهون. بي سمجهه- بي عقل- نادان. بي علم. بيگانو.

آڻ ڄاڻائي؛ ث. بيخبري- بي علمي. ناواقفيت. جهالت.

آلڻُ؛ مر. الاوت ڪرڻ (ڪپڙو وغيره)- اوجو ڪرڻ.

آلو؛ ذ. تمام ننڍڙو ذرو- ذرڙو. جزو. ايٽم.

آلوٽُ؛ ذ. پير جي آڱوٺي ۾ پائڻ جو ڇلو (جنهن ۾ ڇمڪيون بہ هجن).

آليِ؛ ظ. سدائين- هميشہ- پارهوئي.

آلِي؛ ث. ڇهنب- نوڪ (ڀالي جي). ٺري.

آواٽِ؛ ث. خراب رستو- اوجهڙ- ڪُواٽ.

آوائِلُ؛ ذ (ع. اوّل جو جمع) شروعات- منڍ.

آوائِلي؛ ص. شروعاتي- ابتدائي.

اوبارَڻُ؛ مر. ڪاٺي ٻچائڻ (ڪاٺو)- جُوٺو ڪرڻ.

اوبارو؛ ص. ڪاٺي ٻچايل (ڪاٺو)- جوٺو.

اوباشُ؛ ص (ف) رولو- آواره. بدچال. بدمعاش.

اوباهِڻُ؛ مر. ٻچائڻ. بخشڻ- معاف ڪرڻ. ڇوٽڪارو ڪرڻ. پار اُڪارڻ (گناهن مان).

اوبَرَ. اوبَرِ؛ ث. ڪاٺي ٻچايل ڪاٺو- جوٺ.

اوبِرو. اوبٺو؛ ذ. سُٽ يا پَٽ ڪولڻ (اوبڻ) جو چرخو- اوبٺو.

اوبَڻُ؛ مر. ڪچي سُٽ يا پَٽَ کي سُوڌڻ يا ڀيٽي ٺيٺي ڪرڻ لاءِ چرخي تي ويڙهڻ. سُٽ اُڪيلي ڦورو ٺاهڻ.

اوبارَڻُ؛ مر. گوشت ڀاڄي وغيره پاڻي ۾ ٺهڪائي اڌ رڌو ڪرڻ- ٻاڦڻ.

اوبارو؛ ذ. ٻڙڪو. ٻاڦ جو ٺهڪو. خوشبوء جي ڦهڪارَ.

اوباسِي؛ ث. ٿڪ يا ننڊ سبب وڏو ساهه ڪڍڻ جو عمل- اوباڪِي.

اُوباڪِي؛ ث. روڪڻ ۾ ساهه جي گهٽَ. اُپ ساهي.

اوبَرُ؛ ذ. ٺهڪو (پاڻي جو)- ٻڙڪو. ٺهڪيل پاڻي جي ٻاڦ- بخارُ. گرمي سبب اڪ جو اوٿارو.

اوبارو؛ ذ. نباتات يا سج چنڊ جي اُڀرڻ جو عمل- اوڀر- طلوع. چاڙهہ (پاڻي جو). واهہ يا درياہ جي وهڪ جو مٿيون طرف (جتان پاڻي وهندو اچي). هرلي يا نار ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺي. (ث. اوباري).

اوبارو لهوارو؛ ظ. وهڪري جو چاڙهہ ۽ لاهہ وارو طرف. موافق ۽ مخالف.

اوباريوں لهواريون؛ ث. ابتيون سبتيون- هيڏانهن هوڏانهن جون (ڳالهيون).

اوبالو؛ ذ. مهٺو- طعنو.

اوبالا ڏيڻ؛ طعنا ڏيڻ. پاراتا ڏيڻ.

اوبَرُ؛ ذ. سج چنڊ جي اُبرڻ وارو طرف- ايرندو- مشرق.

اوبَرِ؛ ث. ٻوٽن جي پيدائش ۽ واڌ. گاهه ٻوٽا.

اوبَڙُ؛ ذ. نباتات جو ڦوٽهڙو- گاهہ ٻوٽا- وڻ ٽڻ. ڦوڪَ.

اوتَ؛ ث. پالوٽَ- پَلٽ (پاڻي جي). ڍُڪ. چوپائي مال کي تيل وغيره جو وتل ڍُڪ.

اوت اوتاڻ؛ ث. لاڳيتو پاڻي اوتڻ يا هارڻ جو عمل-

گهٽي هار ويو.

اوتون ڏيڻ: هوا يا پاڻي جو زور زور سان وهڻ- پلٽجڻ (مينهن وغيره).

اوتارُ: ذ. ڪنهن دوا جي اثر لاهڻ لاءِ ٻيءَ دوا جو استعمال- ترياق.

اَوَتارُ: ذ. هندن جي عقيدي موجب ايشور جو ڪنهن جسم يا روپ ۾ ظهور- ديوتا.

اوتارو: ذ. وهڻ تان لهي ساهي پٽڻ جي جاءِ. منزل گاهه. اوطاق. مڪانُ- آستانو. تحرير جو نقل.

اوترو: ظ. انهي، جيترو- انهي مقدار ۾. انهي جيڏو. (ث. اوتري).

اَوَتڙُ: ذ. اُهوتڙ جتي پٽڻ وغيره جو سهنج نہ هجي- خراب تڙُ.

اوتڻُ: م. اونڌو ڪرڻ (پريل ٿانءُ)- ليٽائڻ. هڪ ٿانءَ مان ٻئي ۾ ناڻڻُ- پلٽائڻ. هارڻ (پاڻي وغيره).

اوتڻي: ث. اوتڻ جو نمونو. تيل يا گيهه وغيره جو ڏڪ (ايري يا ٿڪل وهٽ ڪي).

اوتارو: ذ. ننڊ ۾ ٻيجڙو.

اوٽَ: ث. اولو- اجهو- آڙ. ڪپڙي يا ڪکن ڪانن جي آڏ (اُس، هوا، اوگهڙ کان بچڻ لاءِ). پناهہ- پردو. آٽر- ٽيڪ. اٽڪل- اندازو. وِيرَ جو چاڙهہُ.

اوٽ تي هلڻ: اندازي تي هلڻ. اٽڪل سان ڪم ڪرڻ. ٽيڪ تي هلڻ.

اوٽَ وٺڻ: پناهہ وٺڻ. حفاظت وارو پاسو وٺڻ.

اوٽارُ: ذ. لڙاٽ- لٽ- ڌُنڌ. غبار (دل جو)- غم. پُور- خيال.

اوٽارَڻُ: م. لٽڻ- ڍڪڻ (مٽيءَ سان). پورڻ (ڪڏ). گُتي ڪرڻ. غم ڪرڻ.

اوٽ موٽَ: ث. اچڻ وڃڻ جو عمل. اچڻ ۽ موٽي وڃڻ- ٻئي مٿا (سفر). (ظ) ايندي ويندي.

اوٽو: ذ. گهر جي اڳيان ٿلهو. هڪ قسم جو راڳو.

اوٽي: ث. ڪپڙي جي اندر وراڻي سبيل ڪناري. بخيي جو هڪ قسم. بخيو- ٽوپو.

اُوٽي: ث. باراڻي راند ۾ هڪ ٻئي کان رُسي جدائي ڪرڻ جو عمل (ڇيڇون ملائي اُوٽي چوڻ)- ڪٽي.

اوٺارُ: ص. اُٺن وارو- اوٺي. اٺ چاريندڙ.

اوٺاڻي: ث. سماع وقت ڏنل بيت جي مٿي چڪَ. پارَ- اوسارو.

اوٺو: ص. اُٺ جو (ڪير. گوشت. مال).

اوپرو: ص. ڌاريو- بيگانو- اوڻتو. نامحرم. (ذ) ڪٽ جي سيراندي يا پيراندي واري ڪاٺي. (ث. اوپري).

اَوجُ: ذ (ع) بلندي- مٿانهين. چوٽي (آسمان جي). مٿانهون درجو- مرتبو. اقبال - عروج. واڌارو- ترقي.

اوجاڳو. ذ. ننڊ نہ ڪرڻ جو عمل- جاڳ- سجاڳي.

اوجاڳا ڪڍڻ: راتيون جاڳي گذارڻ. سخت تڪليفون سهڻ.

اوجرُ: ذ. صفائي. چمڪو. روشني. صاف تيل گهڻ جو چمڪو.

اَوجلُ: ص (سن) اُجريل. صاف. چمڪندڙ. نرمل (پاڻي).

اوجَ: ث. اُٽ- اُٺاوت. واڌ. مدد- ٽيڪ.

اوجو: ذ. اُٺاوت- اُٽ.

اوجهہُ: ذ. اوجهري- معدو (جانور جو). پيٽُ.

اوجهہ ڏيڻ: ڪيتو لوڙڻ- نتيجو ڀوڳڻ. سزا ڀوڳڻ.

اوجهراڻي: ث. ننڊ جو جهُوٽو- ٻنڪي.

اوجهراڻيو ڪاٽڻ: ٻنڪيون ڪاٽڻ. ڏڪا ٽاٻا ڪاٽڻ.

اوجهرو: ذ. اونداهي. (ضد. سوجهرو).

اوجهري: ث. جانور جو معدو- اوجههُ.

آوجَهڙَ: ث. جهنگ وارو هنڌ (جنهن ۾ گس هٿ نہ اچي). گمراهي.
آوجَهڙُ: ذ. اڻانگو رستو- ڏکي واٽ. (ص) رستي کان هٽيل- گمراهہ- آواٽ.
اُوچُ: ص. اوچو- مٿانهون. اعليٰ (ذ) بلندي- اُچائي. اُچو ڪهرالو.
اُوچائي: ث. بلندي- اُتانهين- مٿانهين. برتري.
اوچِتو: ظ. بيخبري ۾- اچانڪ. اتفاق سان- اُبهڪي. اُمالڪ- يڪدم.
اُوچو: ص. اُتانهون- بلند. اعليٰ. عمدو- قيمتي. (ث. اُوچِي).
اوڇَڻُ: ذ. اوڍڻ جو ڪپڙو. سمهڻ مهل مٿان وجهڻ جو ڪپڙو (چادر، ڪيس وغيره).
اوڇو: ص. نيچ- خسيس. ڪميڻو- رذيل. (ث. اوڇي).
اُودُ: ذ. لُڏڙو (پاڻي جو جانور). (ص) گهٽو کائيندڙ- ٽنوٽ.
اُودو: ص. ميرو (رنگ)- ڀُورو. جَهڪو- ڦِڪل (رنگ). (ث. اُودي).
اوڏ: ث واڌِ (وڻ. ٻُوٽي جي). ماڇَ (جسم جي). ٻُوٽي جي ٽاري ۾ اک وارو ٽُڪر (جيڪو ڪپڻ کان سواءِ نوڙائي زمين ۾ پورجي، جتان اها ٽاري پاڙ هڻي ٻئي ٻوٽي جي صورت ۾ اُپري).
اوڌِر: ث. اُڌار- ڪٿت. قرض.
اوڌِر پاڌِر: ث. قرض پکو. ڪٿت. ڏيتي ليتي.
اَوَڌُوتُ: ذ (سن) ويراڳي نانگو فقير. تارڪ- آڌوتي.
اوڏُ: ص. اڏيندڙ (گهَر، جايون). مٽيءَ مان جايون جوڙيندڙ. مٽيءَ جي اوساري ڪندڙ. اوڏ قوم جو فرد (جيڪو اجوري تي مٽي ڍوئي جاءِ وجهي).

اوڙِو: ظ. تورو ويجهو- اوريَرو. (ص) اوترو ننڍڙو. (ث. اوڙِڙي).
اوڙِائي، اوڙائي: ث. ويجهڙائي- نزديڪي- ويجهي چڪَ. ويجهي ماڻني.
اوڙو: ظ. ويجهو- نزديڪ- قريب. (ص) انهي جيڏو. (ث. اوڙِي).
اوڙو ٿيڻ: ويجهو ٿيڻ- نزديڪ اچڻ. لهہ وچڙ ۾ اچڻ. گهاٽل ماٺل ٿيڻ.
اوڙِي چَڪَ: ث. ويجهڙائي- پسگردائي- آسپاس.
اوڍِالِي: ث. تحفي طور ڏنل ڪپڙو. ڪپڙا پهرائڻ جو اوجورو.
اوڍِائِڻُ: م. ڍَڪائڻ (پوتي، چادر وغيره). پهرائڻ (ڪپڙا).
اوڍَرُ: ذ. ڍَڪُ- پوش. آتر- ڏڍ.
اوڍَڻُ: م. پائڻ- ڍڪڻ- پهرڻ (ڪپڙو، چادر).
اوڍِڻي: ث. پوتِي. چُني. شاديءَ ۾ ڪنوار کي ڍڪايل چادر.
آوَرُ: ص. جنهن ۾ وَر وکڙ نہ هجي. (ذ) سِڌائي. وَجهہ.
اورَ: ث. ويم کان پوءِ مادي (عورت، چوپائي) جي پيٽ مان نڪتل مادو- جَرَ.
اور پوريل هڻڻ: چِڪَ ٿيڻ. دِل ڦاٽل هڻڻ.
آورِ: ص (هہ) پِيو. وڏيڪ. نِرالو. عجيب.
اُورِ: ث. پکين جي اُڏامندڙ قطار. وَلر (پکين جو). اُڏامڻ جو عمل. ڪاهہ- هلان- جُلهہ.
اوراتو، اوراجو: ذ. روح- راڙو. ماتم. افسوس.
اوراڙُ: ذ. درياهہ جو اوريون ڪَپُ.
اوراڙُ پَراڙُ: ذ. درياهہ جو اوريون ۽ پريون ڪنارو- اورين ڀَر ۽ پرين ڀَر.

آوراقَ: ذ (ع. ورق جو جمع) ورقَ- پَنا (ڪتاب جا).
اورانيو: ذ. سِڪَ- قرب. آڌار.
اورانگهَڻُ: م. مٿان لنگهي وڃڻ. ٽپي وڃڻ. نہ مڃڻ (حڪم).
اورائو: ذ. اولائو- لولي.
آورِچُ: ص. جو بيزار نہ ٿئي- ڪڪ نہ ٿيندڙ.
آورچائي: ث. بيزار نہ ٿيڻ جي حالت. لاڳيتي ڪوشش. اَڻٿڪ محنت.
اورِ گهورِ. اوري گهوري: ظ. قربان- صدقي.
اورَڻُ: م. ڏک سک جو احوال ڏيڻ. سُورَ بيان ڪرڻ. دل جو حال ڏيڻ. ڳجهي ڳالهہ ڪرڻ. حال ونڊڻ.
اوري. اوريان: ظ. هِنَ پاسي- اورتي- ويجهو.
اوري پري ٿيڻ: هيڏانهن هوڏانهن ٿيڻ. ڏکا ڏوما کائڻ. دربدر ٿيڻ. اندر ٻاهر ٿيڻ. هلاک ٿيڻ.
اوريڪَ: ث. سخت برسات- وڏو مينهن. هوا سان گڏ برسات جو سخت وسڪارو. چوهو (بارش جو).
اوڙ. اوڙِ: ث. چُونيءَ سان ڪِرٻل زمين جو هڪ سَندو.
اوڙاهہُ: ذ. اونهو پاڻي. درياءَ ۾ ڪُنَ وارو هنڌ. ڪُنُ.
آوڙڪَ. آوڙڪَ: ث. ٻري- نَکَ. پاڙو- قبيلو. آکهہ. مانٽي- عزازت.
آوڙڪ: ظ. پڇاڙي تائين- توڙ سُوڌو.
اوڙِ ڪڻُ: م. سِڃاڻڻ- پروڙڻ. معلوم ڪرڻ.
اوڙو: ذ. ڪپڙي مان نهيل گڏو يا مٿل پکي (ڪانءُ وغيره. جو پوک مان پکي يا جانور ڀڄائڻ لاءِ ٽنگيل هجي)- مُوٽرو.
اوڙو پاڙو: ذ. آسپاس وارا گهر- پاڙو پٽي. پسگردائي.
اوزارُ: ذ (ع. وِزرُ جو جمع) ڪنهن بہ ڪاسبيءَ جي ڪم جو سامان.
آوَس: ظ (سن. آوَش) ضرور- پڪ سان. لاچار- نيٺ. هرحالت ۾. مجبوراً.
اوسارا: ذ. ماتم ۾ فوتيءَ جي وصفن جو بيان- پارَ.
اوسارا ڏيڻ: مري ويل کي ياد ڪري روئڻ- پارَ ڪڍڻ.
اوسارَڻُ: م. مري ويل کي ياد ڪري روئڻ- پار ڪڍڻ- اوسارا ڏيڻ.
اوسارِي: ث. پِٽ جي اڏاوت ۾ سِرُن جي جڙائي. پِٽ تي سِرن يا مٽيءَ جو دور.
اوساڻ: ذ. عادتون- لڇڻ. اهڃاڻ- پارَ. هوش حواس.
اوساڻ خطا ٿيڻ: حواس باخت ٿيڻ- هوش گم ٿيڻ- وايون بطال ٿيڻ- حوصلا خطا ٿيڻ.
اوساءِ: ث. قوتُن پيل زمين. ڀاسُرُ زمين ۾ ٿيل قوت (جنهن ۾ پاڻي پوندو وڃي پر اُها نہ پرجي).
آوَستا: ث (سن) عُمر جو دور- وَهي. عمر- ڄمار.
اوستو: ذ (ف. اوستاد) ڪم جو ڪاريگر- هنرمند ڪاسبي- اُستو.
اوسَرَ: ث. واڌ (قد ۾).
آوَسَرُ: ذ. برسات نہ وسڻ جي حالتَ. برسات جي ڪمي. سوڪَ- خشڪ سالي. ڏڪار. اڪاٿ.
آوسَطُ: ص (ع) وچون- درمياني. معتدل. موزون- مناسب. سراسري.
اوسِنو: ص. اُس ۽ پوسل ۾ سڙي بدبودار ٿيل (گاهہ)- بانسي.
اوسو: ذ. گهٽي اُسات. هڪ بيماري جنهن ۾ پاڻي جي تانگهہ گهٽي ٿئي. اوسيڙو. اونو. اُلڪو- ڳڻتي.
اوسو پاسو: ذ. آسپاس- پسگردائي- گردونواح.
اوسَهہ: ث. ڀارو- فال. فال جو سوڻ.

اوسَهه مگَڻ: چگّي واٽي گهرڻ. ڦالون وجهڻ. سَوَڻ ڳنڍڻ.
اوسِيڙو: ذ. انتظار- اونو- اُڊڪو. ڳڻتي- چنتا.
اوصافَ: ذ (ع. وَصف جو جمع) وصفون- گڻَ. خوبيون. عادتون- لڇڻ.
اوطاقَ: ث (ت) ڪچهري، جي جاءِ مهمان خانو.
اوِٽو: ص. اجنبي- ڌاريو- اوپرو.
آوقاتُ: ذ (ع. وَقتُ جو جمع) وقت- ويلو- مهل. پڄندي- حيثيت.
اوقافُ: ذ (ع. وَقف جو جمع) خيراتي جايون (جيڪي خير جي ڪمن يا مذهبي ڪمن لاءِ مخصوص هجن. جيئن مسجدون، مقام، مسافر خانا وغيره).
اوڪارَڻُ: م. اُلٽي ڪرڻ. اُبڙڪا ڏيڻ- اوڪارا ڏيڻ.
اوڪارو: اُبڙڪو. اُلٽي.
اوڪارا ڏيڻ: اُبڙڪا ڏيڻ- اُلٽي ڪرڻ.
اوڪاڻُ: م. بند ٿيڻ (مِينهن. ڳوڙها وغيره).
اوڪَڙُ: ذ. ڪار ۽ صابڻ جو ٺهڪيل پاڻي (جنهن ۾ ميرا ڪپڙا ٺهڪائجن).
اوڪِڙوُ: ص. پيرڻ تي (ويٺل)- ڪڙين ڀر (ويٺل) - اُپ ڪڙو.
آوڪَ: ث. ڏکيائي- اهنج.
آوڪُ: ذ. آهنج- تڪليف. سُور- ايذاءُ. اوکيءَ ويل.
آوڪُ سَوڪُ: ذ. ڏک سک- ڏکيائي سکيائي.
اوکا پوکا: ث. ٻني ٻاري جي سنڀال. ڪم ڪار- ڌنڌو ڌاڙي.
اوکا پوکا لاهڻ: ڪم ڪار لاهي مطمئن ٿيڻ. انتظار دفع ڪرڻ.
اوکائِي: ث. ڏکيائي- اهنجائي. تڪليف. مشڪلات.
اوکَ ٻوکَ: ث. جاچ جونچ- وَڙول- نظر داري.

آوکو: ص. ڏکيو- آهنجو- اڻانو. اڻانگو. مشڪل. (ث. آوکِي).
آوکِي: ث. ڏکيءَ مهل. مشڪل وارو وقت. اهنجائي.
اوگِرائي، اوگِرائي: ث. پريل پيٽ جي حالت ۾ وات مان نڪتل هوا- ڏڪار.
اوگرايون ڏيڻ: ڍَوَن ۾ هئڻ. مطمئن هئڻ. سکيائي جي حالت ۾ هئڻ.
آوگُڻُ، اوڳڻ: ذ. خراب لڇڻ- بدعادت. ٻُڇڙي خصلت.
اوڳاچَڻُ: م. ڪاڌل شيءِ وري وات مان ٻاهر ڪڍڻ. ڪاڌل رقم پري ڏيڻ.
اوڳارَڻُ: م. ڳِتل ڪاڌو ڪڍي وري چٻاڙڻ. (چوپائي مال جي خاصيت).
اوڳاڙِي: ث. ڦوڙي- چندو- اوڳڙ. وصولي (اوڌر يا چندي جي).
اوڳرَ: ث. ڳِتل ڪاڌو موٽائي وات ۾ آڻي چٻاڙڻ (چوپائي جي فطري خاصيت).
اوڳرَ ورائڻ: ڪاڌو وات ۾ آڻي وري چٻاڙڻ- اوڳارڻ.
اوڳڙَ: ث. رقم جي وصولي. ڦوڙي.
اوڳو: ص. موڳو- ڪُند ذهن. موڙهل. اڻ ڄاڻ. بي سُرت. (ث. اوڳي).
اوگهڙِ: ث. اگهاڙپ- عرياني. پڌرائي (عيب جي).
اوگهَه سوگهَه: ث. ٿانوَ مان اُگهي ڪڍيل ٻچيل ڪاڌو. ٻچت سچت. اوبر سوبر.
آوَلُ: ذ (ع) مُنڍ- شروعات- ابتداءُ. (ص) پهريون- ابتدائي. (ظ) پهريائين- اڳ ۾.
آوَلُ آخِرُ: ظ. منڍ ۽ پڇاڙي. اڳي پوءِ- پس پيش. نيٺ- آخرڪار.
اولَ: ذ. ضامن طور يرغمال ۾ ڏنل ماڻهو- ضمانت.

وڏي لهر- موج. اها ڪاني جا پاڻي ۾ اولجي ڏپ چڙي ويٺي هجي- باندي. وهڪ ۾ لڙهي ڪناري وٽ گڏ ٿيل ڪک ڪانا. أها ڪاني جا پاڻي ۾ وجهي هلائڻ سان ٻيڙيءَ کي ڏکي- ڳنُ.

اولَ پَتَڻ ٿيڻ: دربدر ٿيڻ. رولڙي ۾ پوڻ. ڦيرين ۾ اچڻ.

آولادُ: ذ (ع. وَلَدُ جو جمع) پيٽ جائو- وياءُ. ٻارٻچا.

آولادي: ص. اولاد وارو- ٻچڙيوال- عيالي.

اولاقُ، اولاڪُ: ذ (ت. اولاغ) ٽپال پهچائڻ لاءِ ڪم ايندڙ گهوڙو يا اُٺ. چڙهيءَ جو وهٽ. بار بردار وهٽ- لاڏو (ڍڳو، گهوڙو، اُٺ).

اولاڪو: ذ. مصيبت- پريشاني. رولڙو. جدائي.

اولانيو: ذ. ڄيي- اُلو. اوپالو- طعنو- مهڻو.

اولاڙُ: م. اُليڙڻ. اُکيلڻ (چَرخو، ايٽ). وهٽ تان سنج يا پاکڙو لاهڻ.

اولالو: ذ. اهو گيت جيڪو عورتون ٻار کي کيڏائڻ وقت چون. لولي- اوراڻو. اوسارو.

آولائي: ث. اوکائي- اهنجائي- مشڪلات- ڏکيائي.

اولِجَڻُ: م. هيڏانهن هوڏانهن ٻٽڪڻ. پاڻي ۾ ٽلڪڻ.

اولَڙِ: ص. چوپائي مال جو کاڌي بچايل گاهه- اوبارو گاهه. ڪِن ڪچرو. وهڪري جي متاڇري تي ترندڙ ڪک ڪانا.

اولِڙو: ذ. آرسي، شيشي يا پاڻي جي سطح تي سج جو عڪس- پَرتَوو. هڪ ٻاراڻي بيماري (جا سج جي تابش کان ٿئي).

اولِ گهولِ: ظ. قربان- صدقي- اوري گهوري.

اولِمو: ذ. ڪپڙي جي ڪناري تي هڪ قسم جو ٽوپو.

اولڻُ: م. ڀٽڪائڻ. ٽلڪائڻ. ٿيلهڻ- ڌِڪڻ (ٻيڙي).

اولو: ذ. پردو- پناهه- اوٽَ. آجهو. پاڇو- ڇانوَ. ٻيڙيءَ جو ڳنُ. پوک ۾ ٽنگيل اوڙو. ڳڙو.

اولا لاهڻ: جدائي جا پردا پري ڪرڻ. ڏک لاهڻ.

آوَلو: ص. اوکو- ڏکيو- اهنجو. اڻانو- اڻانگو. (ث. آولي).

آوَلو سَوَلو: ص. ڏکيو سکيو. اهنجو سهنجو. ابتو سبتو.

أولو الأمر: ص (ع) حڪم جا صاحب- حاڪم.

أولوالعَزم: ص (ع) پڪي ارادي وارا. استقلال جا صاحب. ثابت قدم.

اولَهُ: ذ. الهندو- مغرب- پڇم.

أوليٰ: ص (ع) بهتر- وڌيڪ چڱو. اعليٰ. شروع وارو- پهريون.

اولِي: ث. ٻيڙيءَ هلائڻ جو ڳنُ.

آولياءُ: ذ (ع. وَلِي جو جمع) الله جو دوست. الله وارو. پهتل شخص. درويش- وَلِي.

آوَلِيَّتَ: ث (ع) سبقت. اڳرائي.

اونَ: ث. اونو- اوسيڙو- اُلڪو. اُڻ تُڻ.

أوناڙَ، أوناڙِ: ث. ڪُتي، گدڙ يا ٻگهڙ جي ڪُوڪَ- أونائي.

أوناڙون ڪرڻ: أونايون ڪرڻ. ڏک مان دانهون ڪرڻ.

أونائڻُ: م. ڏيان ڏيئي ٻُڌڻ. اگهائڻ- قبول ڪرڻ (عرض)- ورنائڻ (سڏ). گدڙن ۽ ڪتن جو ڪُوڪڻ- اوناڙون ڪرڻ.

أونائي: ث. دانهن- عرض- فرياد. ڪُتي گدڙ جي اوناڙ.

أونداهِ، اونداهي: ث. أوندهه- ڪاراڻ (رات جي). اند ڌند- بي بندوبستي. ظلم.

أونداهو، ذ. أوندهہ- سِياهي. (ص) اوندهہ وارو- تاريڪ.

أوندَرُ، ذ. جوڙو (ڪپڙن جو)- وڳو. (هہ) ڪُٿو.

أوندَهہِ: ث. أونداهہ. انڌير. ظلم.

أوندهہ آنڌوڪار، ث. گھُگھہ اونداهي- ڪاري ٻاڙِ. جھُڙ يا طوفان سبب آنڌوڪار.

آوندهہ ڪرڻ: سَڃ ڪرڻ. نقصان ڪرڻ.

أونڌو، ص. اُبتو- اُلٽو. مُنهن يا ڪنڌ هيٺ تيل- سِرنگون. (ث. أونڌِي).

أونڌي مَنجي ڪرڻ: سخت صدمي يا ڏک سبب ڪٽولو اونڌو ڪري ان تي پٽجي رهڻ.

أونگهہَ: ث. ننڊ جو خمار- ڄُهر. اوجهرائي- پنڪي. بيهوشي.

اونو: ذ. انتظار- اُلڪو. ڳڻتي. ٻڊ- انديشو.

أونهارو: ذ. گرمي جي موسم- آرهڙ.

أونهاڻِ. أونهائِي، ث. گهرائي (پاڻي جي)- عمق.

أونهو. أونهون: ص. عميق- اٿاهہ. ڳوڙهو (خيال. ويچار).

اوڻِي: ص. اُنَّ مان ٺهيل- پشمي (ڪپڙو).

أوڻِ: ث. ڪمي- گھٽتائي. عيب.

أوڻائي: ث. گھٽتائي- ڪمي. عيب- سقم. اڻپورائي.

آوَڪتِ: ث. ناپسندي. اڻبڻت- ناسازي. ڪِٽ ڦِٽ.

أوڻيِهِيِ: ث. قمري مهيني جي اوڻيهين تاريخ. اونداهي رات.

اوڻو: ذ. ڏِڳڙي (اُنَّ جي). ڪري ۾ ورهاست ڪيل اُنَّ جي پَتي.

اوڻا وجهڻ: اُنَّ ورهائڻ (ٻٽڻي ڪرڻ) لاءِ ڏِڳڙيون ٺاهڻ.

أوڻو: ص. اڻپورو- گھٽ. عيبدار.

أوڻو آڍِڪُ: ص. گهٽ وڌ.

اوهُ: ذ. کير ڏيندڙ جانور جي ٿڻن جو مٿيون حصو- شيردان.

اوهامَ: ذ (ع. وَهمَ جو جمع) اجايا خيال- وسوسا. گمانَ.

اوهِيرو: ذ. واءُ جي زور تي مينهن جي اُڇل.

اوهِي واهِي: ص. سنڀال ڪندڙ- راکو. ڌڻي سائين- وارث.

اوڳِي: ث. پاڻي جي ڪَلِي- تنڊِي سانداري.

آويرَ. اويل: ث. ديرَ- ويرمَ. (ظ) دير سان- ڪُمهلو.

آويرَ سَويرَ. اويل سويل: آڏيءَ مانجهيءَ. ڏکيءَ مهل. (ظ) اڳي پوءِ.

آويڙو: ص. ڏِنگو. ڏکيو. اَئونترو.

آوِي سَوِي: ص. ايندڙ ويندڙ. مسافر مڙو. پنهنجو پرائو.

اهارُ: ذ (سن) ڪاڏو- ڪاڄ. قوُت.

أهارَ: ث. بار جي هڪ پاسي ليٽَ.

أهاڙَ: ث. گم تيل وهڻ يا چور جي پير جي ڳولا.

اِهانَتَ: ث (ع) بي عزتي- ذلت. خواري.

آهاءُ: ذ. شعاع- سهائو. پَرَتوو. تجلو- چمڪو.

آهَتُ: ذ. ڪاسبيءَ جو ڪُڙمي تي ساليانو لاڳُ (جيڪو فصل مان ادا ٿئي).

آهَتِي: ص. هاريءَ جي ڪم ڪار لاءِ بدل ڪاسبي (لوهار. واڍو. ڪنير وغيره).

اِهتِمامُ: ذ (ع) بندوبست.

أهڃُ: ذ. پارُ پتو. ڏسُ- اشارو. ساڄي اک جو اشارو.

أهڃاڻُ: ذ. نشان- علامت. پارپتو.

أهياڻ ڏيڻ: پار پتا بڌائڻ. نشانيون ڏسڻ. ياد ڏيارڻ.
آهڌ: ذ. اونهي ڪڌ- اوڙاهہ.
أهرائڻُ: م. ماڪارڻ (ٻيڙو، ڄوراب).
أهرَڻُ: م. لنگر کڻڻ (ٻيڙو، ڄوراب)- ماڪارجڻ.
أهسُ: ذ. سُهائو- روشني. تجلو.
آهڪُ: ذ. ڏکيائي- اهنج.
آهُڪائِي: ث. ڏکيائي- اهنج.
آهُڪو: ص. ڏکيو- اهنجو- مشڪل. (ث. آهڪِي).
أهڪُ: ذ. خوشبوءِ- سڳنڌ. سُرهو تيل.
آهلَ: ث. عادت. آڏِ. چٽر طور عيب جو نقل. ٽيڪ. أٿلَ. وزن جو هڪ پاسي لاڙو.
آهلوُڻ ڪرڻ: نقل ڪرڻ- ويچارا ڏيڻ. ٺٺول ڪرڻ.
آهلُ: ذ (ع) ماڻهو- شخص- ڄڻو. گهر جو ڀاتي. مالڪ- صاحب. عيال- ڪٽنب. (ص) لائق- موزون.
آهلُ الله: ص. خدا وارو- الله وارو. بزرگ.
آهل بَيتُ: ذ.. نبي سڳوري جن جو خاندان. سادات. گهر جا ڀاتي.
آهل حَدِيث: ذ. حديث تي هلندڙ. مسلمانن جو اهو فرقو جيڪو فقه جا مسئلا قرآن شريف ۽ حديث جي روشني ۾ حل ڪري.
آهلِ دِل: ذ. دل وارا صاف دل وارا. خدا وارا. سخي.
آهلِ زبان: ذ. ٻوليءَ جا ماهر- زباندان.
آهلِ سُخَن: ذ. سخن جا ڄاڻو- شاعر.
آهلِ طَرِيقَت: ذ. طريقت جا صاحب. صوفي طريقي وارا.
آهلِ عِلم: ذ. علم وارا. عالمَ.
آهلِ قلم: ذ. قلم وارا. لکندڙ. مصنف. اديب.
اهلِ ڪِتاب: ذ. الاهي ڪتاب کي مڃيندڙ (مسلمان، يهودي، عيسائي).

آهلِ نَظر: ذ. ڏسندڙ. نقاد. فيلسوف. دور انديش.
آهل عِيال: ذ. زال ۽ ٻار- ٻار ٻچا.
آهلڪارُ: ذ (ف) ڪم وارو. ڪاروبار هلائيندڙ. ڌنڌي وارو. ڪم ڪار جو لائق. ڪارڪن. منتظم. ملازم.
آهلڻُ: م. هڪ پاسي لاڙو ڪرڻ. ألار ٿيڻ (گاڏي). لڙڻ- جُهڪڻ (ٻار). ليٽڻ. آرام لاءِ ٽيڪ ڏيڻ.
آهلِيَتَ: ث (ع) قابليت- لياقت. لائقي.
آهلِيهَ: ث (ع) گهر واري- زال.
آهَمُ: ص (ع) وڌيڪ اهميت وارو. بلڪل ضروري. خاص. ڳرو- مشڪل (ڪم).
أهمائِڻُ: م. ٺڪر جي ڪوري ٿانءَ کي استعمال کان اڳ ڀهريون ڏئي پاڻيءَ ۾ وجهي چڱي طرح پُسائڻ.
أهمائِي: ث. گُهٽَ- مونجهہ (ساهہ جي). دمڪشي. سَهڪو. ماندڪائي.
أهمو: ص. ساٿو. ماندو. ٿڪل. (ث. أهمي).
آهمِيَتَ: ث (ع) ضرورت. خصوصيت. قدر.
آهَنُ: ذ. ساهميءَ جي پڙن کي برابر ڪرڻ لاءِ وڌل وزن (پٿر، تورو وغيره)- پاسنگ. خالي ٿانءَ جي تور.
آهَنجُ: ذ. ايذاءُ- درد. تڪليف. سُور- ڏک.
آهنجائِي: ث. ڏکيائي- مشڪلات. سوڙهہ- تنگي.
آهنجو: ص. ڏکيو- اوکو- مشڪل. اڻانگو. (ث. آهَنجي).
آهَنبُ: ص. ڏنگو- ضدي. ڏنگي سياءُ وارو. هوڏِي. ويڙهاڪ.
آهتَرُ: ذ. شاديءَ ۾ گهوٽ جو پهريدار (جو اڪثر گهوٽ يا ڪنوار جو پيٽوبو ٿئي).
آهو: ذ. تِيرُ- ڪانُ.
آهِي پَهِي: ذ. اوهي واهي- ڏڻي ڌوڙي. مددگار.
آئِٽُ، آيتُ: ذ. چرخو (سٽ ڪتڻ جو). نار- هرلو.

آئِٽَ؛ ث. ڇهن يا اٺن مهينن جي ٻڪري (جا ايا لڳي نہ هجي)- ڀَٽَ.

آئڊريسَ؛ ث (انگ) پتو- سرنامو. سپاسنامو- خطاب.

آئِڪٽَرُ؛ ذ (انگ) فلم يا ناٽڪ ۾ پارٽ ڪندڙ- اداڪار.

آئوٽِرو؛ ص. حرڪتي- ڪيچلو. ڏنگو. هڪ هنڌ سڪ ڪري نہ وهندڙ (ٻار).

آيالَ؛ ذ (ف) گهوڙي جي ڪنڌ جا وار- ٻُشڪون.

ايامَ؛ ذ (ع. يومُ جو جمع) ڏينهَن. گهڻو عرصو- مُدت. زمانو. حيض جا ڏينهن.

آيائپَ؛ ث. بيوقوفي- ناداني- مورکائي.

آيائو؛ ص. نادان- مورک. ڀالو ڀولو.

آيتُ، آيتُ؛ ذ. هڪ تارو جو ٻڌي مهيني جي ٻهرين ڏهن تاريخن ۾ اُڀري (هن جي اُڀرڻ سان مال ڪير سُڪائيندو ۽ پاڻي ۾ جيڻهرو ايندو).

اِيثارُ؛ ذ (ع) پنهنجي فائدي کي ٻين خاطر قربان ڪرڻ. بنا لالچ خدمت.

اِيجابُ؛ ذ (ع) نڪاح يا ڏيتي ليتي ۾ ڪنهن ہہ طرف جي آڇَ.

اِيجابُ و قبول؛ نڪاح جو قول (گهوٽ جي پاران) ۽ اقرارُ (ڪنوار جي طرفان).

اِيجادَ، اِيجادُ؛ ث (ع) نئين سِر وجود ۾ آڻڻ. نئين شيءِ ڳولي ڪڍڻ.

ايچپو؛ ذ. احسان- ٿورو.

آيڊوانسُ؛ ذ (انگ) اڳواٽ ڏنل رقم- سوٽي.

ايڊِيٽَرُ؛ ذ (انگ) اخبار جو مُدير. مؤلف.

ايڊيُوڪيشَن؛ ث (انگ) تعليم.

اِيذاء؛ ذ (ع) سُور- عذاب. درد- اهنج.

اِيذائِڻُ؛ م. ڏکوئڻ. آزارڻ- ستائڻ. رنجائڻ.

ايراضِي؛ ث (ع. اِراضي) زمين. زمينون. زمين جي ماپ- پکيڙ.

ايرائون؛ ذ. ڪَڏُو.

ايرپيرُ؛ ذ. اچ وڃ- آمدو رفت. تعلق- واسطو.

ايرجَڻُ؛ م. پرجڻ (ڦٽُ). ميڙجڻ (زخم). انگورجڻ.

ايرُ ڦيرُ؛ ذ. گند ڪچرو. مَرُ ميل. (ص) بيگانو- اجنبي.

اِيرکا؛ ث (سن. ايرشا) حسد- بغض.

ايرِيالُ؛ ذ. هڪ قسم جو ٻُوٽو- ڦُرهو.

ايرِنگُ؛ ذ (انگ) ڪن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهہ.

ايريو؛ ذ. هڪ پسارڪو وکر.

اِيڙَ پِيڙَ، اِيڙا پِيڙا؛ ث. لڱن جو سُور. بدن جي ڀاڄَ. عذاب- مصيبت.

اِيسَ؛ ث. کٽ جي پاسي واري ڪاٺي- ٻانهين.

اِيستادَہ؛ ص (ف) بيٺل- قائم. ڪتل. پختو- مضبوط.

اِيشوَرُ؛ ذ (سن) اُپائڻهار- ڀڳوان.

آيضا؛ ظ (ع) پڻ. اڳئين وانگر. ساڳيو.

ايڪُ؛ ص (سن) هڪ- واحد.

ايڪائِي؛ ث. ميڪڙائي- وحدت. يگانگي.

ايڪانت؛ ث (سن) اڪيلائي- تنهائي. گوشہ نشيني.

ايڪتا؛ ث (سن) اتحاد- ٻَڌي.

ايڪَڙُ؛ ذ (انگ) زمين جو مقرر ماپ وارو ٽُڪر (٤٨٤٠ چورس وال ايراضي).

ايڪَڙِ ٻيڪَڙِ؛ ص. هڪ ٻہ- ٽورڙا. (ظ) ڇڏو ڀاڙو- ورلي.

ايڪو؛ ذ (سن. ايڪ) هڪ عدد- هڪڙو عدد. هڪڙي درجي وارو انگ (١ کان ٩ تائين). ٻڌي- اتحاد.

ايڪيتالُ؛ ذ. واپارين جي اصطلاح ۾ مڻ ۾ چاليهن

سيرن بدران ايڪيتاليهن سيرن جي تور.
اِيلَ؛ ث. لشڪر- ڪٽڪ. انڪار- عُدولي. پرهيز.
ايلاچو؛ ذ. هڪ قسم جو رنگين ريشمي ڪپڙو.
ايلَ پَنهَوارُ؛ ذ. ٻڪراڙ- ريڍار. جهنگلي.
ايلچي؛ ذ (ت) عيوضي. سفير. قاصد.
اِيما؛ ذ (ع. ايماءُ) اکين جو اشارو. حڪم.
اِيمانُ؛ ذ (ع) دل جو يقين- اعتقاد. ڀروسو- اعتبار.
اِيماندارُ؛ ص. ايمان وارو. ويساه رکندڙ. امانت دار. امين. سُچيتو. ديندار.
ايمان وڪڻڻ؛ لالچ خاطر حق کي ڇڏي ڪوڙ جي حمايت ڪرڻ. ڪپت ڪرڻ.
اِيماني؛ ص. ايمان وارو. ايماندار. سورهيه- دلير.
آيمَنُ؛ ص (ع) امن وارو- محفوظ. (ث) هڪ راڳڻي.
ايمي؛ ث (ع) سيپاري جو چوٿون حصو.
آينڊ؛ ذ. ڪکن مان نهيل اُٺ جي پلاڻي.
آينگُ؛ ص. بهادر. اڙٻنگ. بيپرواهه. سجاڳ. اچانڪ- اوچتو.
اِينگهہَ؛ ث. ڊيگهہ. واڌ.
اِينگهائِڻُ؛ م. ڊيگهہ ڪرائڻ- طول ڏيڻ.
اِينگهَڻُ؛ م. ڇڪجي ڊگهو ٿيڻ (رٻڙ). ويجهڻ.
آيوانُ؛ ذ (ف) اڱڻ- آڳنڊ. محل- مڪان.

ب

ب؛ ذ (ع) تلفظ "بي" سنڌي، عربي ۽ فارسي "الف- بي" جو ٻيو اکر. ابجد موجب عدد ٻه.
بابِ؛ ظ (ع) باب ۾- باري ۾. حق ۾. نصيب.
بابِ ٻڌڻ؛ قسمت ۾ اچڻ. لکيو ٿيڻ.
بابُ؛ ذ (ع) دروازو- لنگهہ. داستان (ڪتاب جو)- فصل. رستو. ڪاسبيءَ جو هاري تي ٻنڌاڻ- لاڳ. قسمت- نصيب.
بابَت؛ ظ (ف) واسطي- لاءِ- متعلق.
بابو؛ آبو- پيءُ- والد.
بابُو؛ رمتو فقير. ريلوي جو هڪ ملازم (جيڪو ٽڪيٽون چيڪ ڪري ۽ ڏئي وٺي).
بابِيَ؛ ث (انگ) سلائي جي مشين ۾ ڪم ايندڙ لوهي رِيل.
باتِ؛ ث. ڳالهہ ٻولهہ. ذڪر- بيان. سُخن- گفتو.
باٿوني؛ ص. ڳالهير- گهڻ ڳالهائو. ٻٽاڪي.
باٺارو؛ ذ. ڪورُو ڀچائيندڙ- ٻٺارو. دايو. (ث. باٺاري).
باٺو؛ ذ. ٿلهي لٺ- باٺو.
باجُ؛ ذ (ف) محصول- ڏنُ.
باجگُذار؛ ص. ڍل ڀرو- ڏاني.
باجو؛ ذ. واجو. هارمونيم.
باڇُو؛ ص. باقي بچيل. بچت ۾.
باچا، باچاهہُ؛ ذ (ف. بادشاه) بادشاه.
باچائي، باچاهي؛ ث. بادشاهي.
باخَبَرُ؛ ص (ف) خبر رکندڙ- واقف. خبردار- سجاڳ. سيائو.
بادِ؛ ث (ف) هوا- واءُ. ريح- بادي.
بادپَيما؛ ص. هوا ماپيندڙ (اوزار). هوا جهڙو تکو (گهوڙو).

بادِ خِزان: ث. سرء جي هوا (جيڪا وڻن جا پن ڇاڻي).

بادِ صَبا: ث. صبح جو اُتر اولهہ کان لڳندڙ هوا (جنهن ۾ گل ٽڙن). صبح جي هير.

بادامُ: ذ (ف) هڪ مشهور ميوو.

بادامِ چَشمِ: ص. بادام جهڙين اکين وارو- سهڻين اکين وارو (معشوق).

باداميِ: ث. بادام جو گورو.

بادبانُ: ذ (ف) ٻيڙيءَ جو سِڙهہ.

بادِشاهُ: ذ (ف) تخت ڌڻي. ملڪ جو حاڪم. تاس ۾ ٻارهون نمبر پتو.

بادشاهَت: ث. بادشاهي- حڪومت. سلطنت.

بادشاهزادو: ذ. بادشاه جو پُٽ. (ث. بادشاهزادي).

بادشاه گرديِ: ث. بادشاهن جي تبديلي- طوائف الملوڪي. ڏاڍمڙسي. اندڌند. ڦُرلٽ.

بادشاهي: ث. حڪومت- صاحبي. سطلنت.

بادشاهي ڪرڻ: حڪومت ڪرڻ. خوشين ۾ هئڻ. عيش ڪرڻ.

بادشاهِڻِ: ث. مصريءَ جو قسم.

بادِگولو: ذ (ف) تِلي سڄي پوڻ جي بيماري.

بادِگِيرُ: ذ (ف) گهر ۾ هوا اچڻ لاءِ ڇت ۾ ٺهيل منگهہ.

بادَلُ: ذ. ڪڪر- ابر.

بادِلو: ذ. زريءَ جي تار. زري- مقيس. ريشم ۽ سوني تار سان پرت. ڌاتو مان ٺهيل هڪ قسم جي ڳهگهي (جنهن تي ڪپڙو چڙهيل هجي، ۽ سفر ۾ پاڻي ٺڏي رکڻ لاءِ ڪم اچي).

بادو: ص. ڇريو- مست. نشي ۾ مخمور. (ذ) وڏو وٽو- ڄمن.

بادَه: ذ (ف) شراب- مَي- مَدَ.

بادِي: ث (ف) پيٽ ۾ هوا پرجڻ جي حالت. پيٽ مان نڪتل واءُ- ريح. طب يوناني موجب هڪ طبيعت. (ص) ريح پيدا ڪندڙ کاڌو. اجايو- بيسود.

بادِيا: ذ (ف. باد) گهوڙي جي هڪ بيماري (جنهن ۾ گهوڙي جي ڪُڇن ۾ واڻي سوڄ جا ڳوڙها نڪرن).

باڍِڻ: ث. جوئر جو هڪ قسم.

باڊِي: ث (انگ) بدن- جسم.

باڊي گارڊُ: ذ. حاڪم جو ذاتي نگهبان- خاص محافظ.

بار: ذ (ف) ڀيرو- دفعو- گهمرو (جيئن، دوبار، سہ بار وغيره) دربار. عدالت. (ص) وَسائيندڙ (جيئن آتش بار، آشڪ بار وغيره).

بارُ: ذ (ف) بوجهو- وزن. لَڏ. رکيل ڪم- فرض. ذميداري. ڦَل- ثمر.

بارآوَر: ص. ڦل ڏيندڙ (وڻ)- ثمردار. فائديمند.

باربَردار: ص. بار ڪشندڙ- حمال. مزور. لاڏو (وهٽ).

باربرداري: ث. بار ڍوئڻ.

بار پوڻ: بوجو پوڻ. سفارش ٿيڻ. زور پوڻ. ٿورو ٿيڻ- احسانِ ٿيڻ.

بار کڻڻ: جوابداري قبول ڪرڻ. ذميواري کڻڻ. هام هڻڻ (مشڪل ڪم جي).

بار لاهڻ: جوابداريءَ جو ڪم پورو ڪرڻ. جهڙو تهڙو ڪم ڪري ڏيڻ- ميار لاهڻ. فرض ادا ڪرڻ (اولاد جو). ٿورو لاهڻ. قرض جي ادائگي ڪرڻ.

بارانِ: ث (ف) مِينهن- برسات.

بارانِي: ث. برسات تي ٿيل پوک. مِينهن تي آباد ٿيندڙ زمين.

بارائو؛ ذ. هندن جي رسم موجب ديوي ديوتا جي مورتيءَ جي سرگس.

باربار؛ ظ (ف) وري وري– هَر هرَ– ذري ذري.

بارِدانو؛ ذ. اناج، ڦَٽيون وغيره ڪڻڻ لاءِ ڳوٿيون، برڪيون وغيره.

بارِشَ؛ ث (ف) برسات– مِينهُن.

بارِڪَ اللهُ؛ ذ (ع) "الله (توکي) برڪت ڏئي" (دعائيہ ڪلمو).

بارِگاهَ؛ ث (ف) دربار– ڪچهري. درگاه– آستانو.

بارگِيرُ؛ ص (ف) بار ڍوئيندڙ. بار ڪڻندڙ. بردبار– وڏگڙدو.

بارُودُ؛ ذ (ف) گندرف وغيره مان ٺهيل مصالحو (جيڪو آتشبازي ۽ بارودي هٿيارن ۾ ڪم اچي)– دارون– آتشي مادو.

بارودخانو؛ ذ. بارودي هٿيارن رکڻ جي جاءِ– اسلحہ خانو.

بارودي سُرنگ؛ ث. هڪ قسم جو بَمُ.

بارها؛ ظ (ف. بار جو جمع) ڪئين دفعا– ڪيترائي ڀيرا.

بارِي؛ ذ (ع) خالق– اُپائڻهار. خداتعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

بارِي تعاليٰ؛ ذ. خلقڻهار– خدا تعاليٰ.

بارِي؛ ص (ف) باروارو– ڳرو. بارڪڻندڙ (وهٽ). بارسهندڙ– بردبار.

بارِيابُ؛ ص (ف) اجازت مليل (بارگاه ۾ داخل ٿيڻ لاءِ). درگاهہ ۾ قبول پيل.

بارِيڪُ؛ ص (ف) سَنهون. نفيس.

بارِيڪ بِيني؛ ث. غور سان ڏسڻ. تيزنظر. معمولي ڳالهہ جي بہ جانچ. موشگافي.

بارِيڪِي؛ ث. سَنهائي. غور سان نظر، موشگافي.

باڙِدي؛ ث. هڪ قسم جو لوهي ٽانءُ (جنهن کي ڪڻڻ لاءِ ڪُنڍو پيل هجي)– بالٽي.

بازَ؛ ث (ف. بازُو) ٻانهَن. ڪنيڙاٽي (پکي جي). بازو.

بازِ؛ ظ (ف) وري– موٽي. واپس– پوئتي.

باز اَچڻ؛ ڪنهن عمل يا ارادي کان موٽائڻ. ساڳئي پير تي موٽائي اَچڻ.

بازُ؛ ذ (ف) هڪ مشهور پکي– شاهِينُ (جيڪو شڪار لاءِ ڌارجي).

باز دارُ؛ ص. باز ڌاريندڙ. باز کي تربيت ڏيندڙ. باز سان شڪار ڪندڙ.

بازارَ، بازارِ؛ ث (ف) واپاري دڪانن جي قطار– هٽن جي گهٽائي وارو علائقو.

بازار لڳائڻ؛ دڪان وانگر شيون نروار ڪري رکڻ. سامان جي نمائش ڪرڻ. هَٽ پکيڙڻ.

بازاري؛ ص. بازار جو (مال). عام رواجي. هالو چالو (وکر).

بازِ پُرسَ؛ ث (ف) وري وري پڇا. پڇا ڳاڇا.

بازَر؛ ث (ف) ڏسو "بازار".

بازگشت؛ ث (ف) ساڳي ڳالهہ جي موٽَ. واپسي (آواز جي). گونج– پڙاڏو. افواه.

بازِندو؛ ص (ف) رانديگر– کيڏاري. هنرمند. بازيگر.

بازوُ؛ ذ (ف) ٻانهَن (عضوو). ڪنيڙاٽي (پکي جي). لشڪر جو پاسي وارو دستو. پَهلوُ. سَگَ واري عورت– ٻانهن. (ص) همراهہ– مددگار.

بازوبَندُ؛ ذ (ف) ٻانهن ۾ ٻڌڻ جو هڪ ڳهہ– ٻانهن رکي.

بازِي؛ ث (ف) کيل– تماشو. ڪرتب– هنرمندي. راند. ڪبوتر جو پلٽو. گوءِ– سرسي. سوڀ.

بازي ڪٽڻ: راند ڪٽڻ. گوءِ ڪٽڻ- سرسي ڪرڻ. سوڀ ڪرڻ.

بازيگرُ: ص. بازي ڪندڙ. تماشو ڪندڙ. مداري. ڪيڏاري. (ث. بازيگرياڻي).

بازيگري: ث. کيل- تماشو.

باسَ: ث. بُوءِ. بدبوءِ- ڌپ. سُڌ- خبر. سڪا- پيٽا- نذرانو.

باسَ باسڻ: سڪا باسڻ. مجتا مڃڻ.

باسَ پوڻ: سُڌ پوڻ- اڳواٽ ٿوري خبر پوڻ (ڪنهن واقعي يا ارادي جي).

باسِي: ص. ڌپ وارو- بدبودار. گهڻي وقت جو رکيل ڪاڌو (جو ڌپ ڪري ويو هجي). پاروٿو.

باسِپِّي، باسمَتي: ذ. چانورن جو هڪ قسم.

باسَڻُ: ذ. ٿانءُ- برتن.

باسَڻُ: م. ڊسڻ- پُڌائڻ. سچي ڪرڻ (ڏوهه وغيره). قبول ڪرڻ. سڪا باسڻ.

باشندو: ص (ف) رهاڪو- رهندڙ.

باشو: ذ. هڪ قسم جو شڪاري پکي (باز جهڙو).

باصِري: ص (ع) بصر ۾ رڌل (چانور).

باصَوابُ: ص (ف) درست- صحيح. صحيح سلامت.

باطِلُ: ذ (ع) ڪُوڙ. (ص) ڪُوڙو- ڪوٺو. بي اثر.

باطِنُ: ذ (ع) منجهه- اندر. ڳجهه- راز.

باطني: ص. اندروني- لڪل- ڳجهو.

باعثُ: ذ (ع) سبب- ڪارڻ. اصليت. بنياد. (ص) باني- مُوجد.

باغُ: ذ (ف) گلن جي ٻوٽن ۽ ميوي وارن وڻن واري ايراضي- بُستان- چمن.

باغائي: ص. باغ ٻوڪيندڙ. باغ جي سنڀال ڪندڙ- مالهي.

باغباني: ث. باغ سنڀالڻ ۽ پوکڻ جي ڪرت.

باغ بَهار: ص. سرسبز- آباد. خوش.

باغيہ ٿُوتيہ ٿيڻ: پنهنجي پنهنجي ڪم سان لڳڻ. پنهنجي تُرهي تڳڻ.

باغات: ث. باغ. گهڻا باغ.

باغيچو: ذ (ف. باغچه) ننڍو باغ- چمن.

باغِي: ص (ع) بغاوت ڪندڙ- سرڪشي ڪندڙ. مخالف (حڪومت جو). پري پجندڙ- مخالف.

بافتو: ذ (ف) هڪ قسم جو سوٽي ڪپڙو- ڪورو لٺو.

باقاعدہ، باقاعدي: ظ (ف) قاعدي سان. قانون مطابق. ترتيبوار- سلسلي سان.

باقي: ث (ع) بقايا- بچت- پاڇي. (ص) هميشه رهندڙ- دائم قائم- بقاءُ وارو. (ذ) الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

باقيات: ث (ع. باقي جو جمع) رهيل بقايا. بچت- پاڇي.

باڪ: ذ (ف) ڊپ- خوف.

باڪرہ: ث (ع) اڻ پرڻيل (ڇوڪري)- ڪنواري.

باڪري: ص (ع. بقال) پاڇي وڪڻندڙ- سبزي فروش. ميوو وڪڻندڙ.

باڪس: ذ (انگ) تيلين جي ڏٻي- ماچيس.

باڪَ: ث. پرهه ڦٽي جو اُهاءُ يا فجر جي روشني. صبح صادق.

باڪُڙُ: ص. ڇوٽي چانگيل (وڻ)- نوڙهو (وڻ).

باگڙي: ذ. هڪ خانہ بدوش ذات- واگهڙي.

بالُ: ذ (انگ) ڪينهُون- ڏڙهو.

بالا: ظ (ف) مٿانهون- بلند- اوچو.

بالاي طاق: ظ. پري- جدا- علحده.

بالاٽنگ: ذ (ف) هني تي رکيل گاشي کي قابو ڀڌڻ لاءِ چمڙ جو پٽو.

بالاخانو: ذ (ف) جاءِ جي مٿان اڏيل صُفو. ڇت تي اڏيل ڪوٺي.

بِالاِتفاق: ظ (ع) اِتفاق سان- يڪراءِ- متفقہ طور. اوچتو- اچانڪ- ناگهان.

بالادَست: ص (ف) وڏيڪ اختيار وارو. مٿيون عملدار. وڏو آفيسر.

بالادَستي: ث. مٿانهون اختيار- اعليٰ اختياري.

بالانِشين: ص (ف) مٿانهين جاءِ تي ويٺل. مٿين جڳهہ تي ويهندڙ. صدر.

بِالله: ذ (ع) الله جو قسم- خدا جو سُنهن. (ظ) سچ پچ- تحقيق.

بالاِئي: (ف) مٿيون. اُتل وارو. سرس- زياده وڌيڪ.

بالائي آمدني: ث. مقرر پيدائش کان وڌيڪ آمدني. رشوت وغيره.

بالِڙي: ث. ڏسو "باڙدي".

بِالجَبرُ: ص (ع) زور سان. زبردستيءَ سان.

بالشِت: ث (ف) گرانٺ- باڙي.

بِالضرورِ: ظ (ع) ضرورت موجب. ضرور- اَوَس. پَڪَ- يقيناً.

بالغُ: ص (ع) جوانيءَ کي رسيل- ساماڻل. جوان.

بِالفَرض: ظ (ع) فرض ڪجي- ڪٿي قبول ڪجي.

بِالفعلِ: ظ (ع) حال في الحال- هينئر- هن وقت. حقيقت ۾- سچ پچ.

بِالڪُل: ظ (ع) ڪُلي طور. پوريءَ طرح. نيڪ- پورو.

بالمُ: ص. پيارو- پريتم. دلبر. دوست. عاشق. بيپرواهہ- بي اونو.

بِالمقابل: ظ (ع) ڀيٽ ۾- نسبت ۾. سامهون- اڳيان.

بِالمفتو: ظ (ع) مفت ۾- خواه مخواه. اجايو.

بِالواسطه: ظ (ع) ڪنهن واسطي يا وسيلي سان- ٻئي جي معرفت.

بالوُشاهي: ث (ف) مٺائي جو هڪ قسم.

بالِيدگِي: ث (ف) واڌ- وِيجهہ. ساوَڪ.

بِاليقين: ذ (ف) يقين سان- پڪ سان. ضرور- يقيناً.

بام: ث (ف) ڇت. ماڙي. بالاخانو. آسمان.

بامَ: ث. زال- عورت. حسين عورت- نازنين.

بامُ: ذ (انگ) ڪافور جاڻ وغيره جي عرق مان ٺهيل مرهم (مٿي جي سور لاءِ).

بامعنيٰ: ظ (ف) معنيٰ سان- سمجهائي سان- شرح سان.

بان: ث. آڻ- شڪست. بيزاري جي اظهار جو لفظ.

بان ڪرڻ: آڻ مڃڻ (راند ۾). توبهہ ڪرڻ- پڇتائڻ. بيزاري جو اظهار ڪرڻ.

باڻُ: رنگ- ورن. خاصيت. باڻُ- تير.

بانا ٿاڙُ: ص. ڏاڍو مڙس- پهلوان. هٽ ٿاڙ.

بانِٽو: ذ. ڏسو "بانٺُو".

بانِڙو: ذ. ٻار جي هٿن ۽ گوڏن ڀر ريڙهي. (ص) ڪُبو ٿي ويٺل- ڏُونڊڙو.

بانڙا پائڻ: گوڏن ۽ هٿن ڀر رڙهڻ (ٻارڙو)- ريڙهيون پائڻ.

بانٺِ: ث. وڻن جون سڪل ڪانيون- وڻانيون. لِيُن يا جارين جي لاڪڙ.

بانٺو: ذ. سونٺو- ڏڪو.

باند: ظ. قيد- بند- گرفتار.

باندي: ص. بند ۾ پيل- قيدي. پورهيت.

باندَرُ: ذ (سن. وانر) مشهور جهنگلي جانور- وڏو

پولڙو. (ث. باندري).

بانسَ؛ ث (سن. واس) ٻوءِ. ڌپ- بدبوءِ.

بانسُ؛ ذ (سن. وَنش) وڻ جو هڪ قسم (جنهن جون ڪاٺيون ڊگهيون، پوريون ۽ ڳريدار ٿين). بانس جي ڪاٺي- لڙهو.

بانسِري؛ ث. وات سان وڄائڻ لاءِ هڪ ساز.

بانڪڙو؛ ذ. ڪاٺ جو بينچ.

بانڪو؛ ص. بهادر- پهلوان.

بانگَ؛ ث (ف) آواز- صدا. نماز جو سڏ- اذان.

بانگوَ؛ ص. بانگ ڏيندڙ- مؤذن. (ذ) تسبيح جي ٻنهي چيڙن کي ملائيندڙ ڊگهو مڻيو.

بانو؛ ذ. رنگ- ورن. گهوڙي جي مُنهن تي سفيد ٻولهُ.

بانُو؛ ث (ف) شهزادي. خاتون. سکر زال.

بانورُ؛ ذ. ڏسو "باوَرُ".

بانورجَڻُ؛ م. غرور ڪرڻ- فخر ڪرڻ. مست ٿيڻ.

بانولو؛ ص. مست- چريو- ديوانو. هرڪيل. ٻُليل. تَواتي. سوداٿي. (ث. بانولي).

بانوِلي؛ ث (ف. باولي) ننڍي باز کي شڪار تي هيرائڻ لاءِ ڪنين ڪُتو پکي کارائڻ جو عمل. پيتي- لَبُ. ڦيري- پَنواتي. بازولي. ڏاڪڻ سان ڪوهه.

بانٺُو؛ ذ. ٻيڙي يا غوراب ۾ هوا جي رخ ڏيکارڻ لاءِ ٻڌل جهنڊو- وانٺُو. (ث. بانٺِي).

بانٺِ؛ ث. چِتي ٻڪَ. اٺاٺ.

بانِي؛ ث (سن. وانِي) ٻولي. سُر- آلاپ. ٻهانو.

بانِي؛ ص (ع) بنياد رکندڙ- پايو وجهندڙ. اڳواڻ- مهندار.

بانِيڪارُ؛ ص. اڳواڻ (ڪم جو).

بانِي مَبانِي؛ ص. پهريون بنياد وجهندڙ. شروعات ڪندڙ.

باوُجُود، باوُجودِ؛ ظ (ف) تنهن هوندي ٻه.

باوَرُ؛ (ف) تڪبر- هٺ- غرور. اعتبار- يقين- ڀروسو.

باهِ؛ ث. جيرو- آگ- آتش. گرمي- جوش.

باهه ٻارڻ؛ فساد جاڳائڻ. ظلم مچائڻ. ڏاڍي تڪڙ ڪرڻ.

باهه چَنڊڻ؛ ڪاوڙ لاهڻ.

باهه جاڳائڻ؛ باهه دکائڻ. فساد مچائڻ.

باهه ۾ ٽپو ڏيڻ؛ ڏسي وائسي پاڻ کي ٻُوهي ۾ ڏيڻ.

باهڙَ؛ ث. تابو- آڌيڙو. باهوڙ (ڪُتي جي).

باهڙائڻ؛ م. تابڙائڻ. ڀنيلائڻ. ڪُتي کي ٻچ ڪرائي پڙنڪائڻ. برخاست ڪرائڻ (محفل).

باهڙجڻُ؛ م. تابڙجڻ. ٽڙي وڃڻ (رستي، ڳالهه يا خيال تان). ٽِٽڻ (ڪچهري).

باهڙَڻ؛ م. تابڙڻ- اَتڙڻ. ڏڪو ڪائڻ. ٽڙڻ- خطا ٿيڻ. برخاست ٿيڻ (مجلس).

باهمَ؛ ظ (ف) هڪ ٻئي سان گڏ- پاڻ ۾.

باهمِي؛ ظ. پاڻ ۾- هڪٻئي سان.

باهمِتِ؛ ص (ف) همت وارو. سگهارو. دلير. حوصلي وارو.

باهَڻُ؛ ذ. هڪ قسم جو وڻ- ٻَهڻ.

باهِڻُ؛ م. ٻَهڻ- پڙنڪڻ (ڪُتي جو).

باهُوٽِي؛ ث. توري باهه- دونهين.

باهوڙ؛ م. ث. ڪتي جي پڙنڪ.

بائِڪاٽُ؛ ذ (انگ) عدم تعاون- قطع تعلقات.

بائِسڪل؛ ث (انگ) ٻن ڦيٿن واري گاڏي.

ٻَبَرُ؛ ذ (ف) ڪيهر- ٻيلاٿي (شينهن)

ٻُبو؛ ذ. پِستانُ. ٿڻُ.

ٻُبو ڏيڻ؛ ٿج ڌارائڻ (ٻارڙي کي). ڌٿارڻ. دلبو ڏيڻ.

ٻُبي: ث. ننڍڙو ٻُبو (ٻار يا مڙد جو).
ٻُتُ: ذ (ف) بدن– جسم. پٿر وغيره مان ٺهيل ماڻهو جو بوتو– مجسمو. پٽي راند ۾ ڏهن داڻن جو داءُ. اهو تختو جنهن تي ڀارا يا ڪوڏيون اڇلجن (چوپڙ يا جُوا ۾). (ص) بيجان. هڪ هنڌ بيٺل. خاموش– چُپ.
ٻُت چَٽڻ: بدن کي ڏوهُ ڏيڻ. بدن جي ٿولهه گهٽائڻ. بدن ۾ هلڪو ٿيڻ.
ٻُتخانو، ٻتڪده: ذ. جتي ٻُت رکيل هجن ۽ انهن جي پوڄا ٿئي. عجائب گهر (جتي ٻُت رکيل هجن).
ٻُت ڪاندارِجَڻ: سيءُ يا ڌپ کان لڳڻ ۾ سيسڙاٽ اُيرڻ. بدن ۾ سياندا پوڻ.
ٻُت وجهڻ: ڪاري جادو ذريعي ڪنهن کي تڪليف پهچائڻ لاءِ ماڻهو جي اٽي مان ان جو پُتلو ٺاهي مقام ۾ پورڻ– ڌوڙ ڪرڻ.
ٻَتاشو: ذ. ڏسو "پتاشو".
ٻَتالُ: ص (ع. بطال) گمراه. توائي. واتڙو.
ٻَتانو: ذ (ع. بِطانه) پڳڙي جي اندران پراڻ طور ڏنل ڪپڙو.
ٻَتائڻُ: م. ٻڌائڻ– سَلڻ. ظاهر ڪرڻ. ڏيکارڻ.
ٻَتِلڻُ: م. بدلڻ– مٽجڻ. ڦرڻ (مٽو). ڪچي ٿيڻ (دل). گمراه ٿيڻ.
ٻُتو: ذ. فريب– دوکو. عذر– بهانو.
ٻُتو ڏيڻ: دغا ڪرڻ– دوکو ڪرڻ. بهانو ڪرڻ.
ٻَتولُ: ص (ع) ڪنواري، پاڪدامن. تارِڪ الدنيا عورت. (ث) بيبي مريم ۽ بيبي فاطمه الزهرا جو لقب.
ٻَتي: ث. وَٽ (ڏيئي جي). شمعدان– لالٽين.
ٻُتي: ث (ع. باطيه) بوتل– باٽلي. شراب جي صراحي.
ٻَتيلو: ذ. هڪ قسم جي ننڍي ٻيڙي.
ٻَٽي: ث. تيرن وجهڻ جي ڳوٿري.
ٻَٽي جو ڪانُ: اڻ ڳس تِير. هٿ وس حيلو يا داءُ.
ٻَٽالو: ذ. پٽاٽو– آلو.
ٻَٽانا: ذ. مٽر يا چڻا (ڀاڄي طور ڪم ايندڙ).
ٻَٽائي، ٻَٽئي: ث. فصل لهڻ کان پوءِ زميندار ۽ هاري جي وچ ۾ ورهاست.
ٻَٽُون: ذ. ڏسو "ٻَٽُون".
ٻَٽُ: ذ. ٻاهه جو مچ– آڙاهه. وڏو کُورو– ٻَٺي. ڍِڳ– ڍير.
ٻَٽُ پرڻ: کورو پرڻ. پيٽ پرڻ.
ٻُٽُ: ذ. غيرآباد زمين. بيابان. رِڻُ. واري يا مٽيءَ جو دڙو. ڦِٽل دڙو. (ص) ويران. اجڙ. سُڪل.
ٻَٺارو: ذ. پڳڙا يا ڦلا پُچي وڪڻندڙ. لشڪر يا ڪاچ جي رَڌ سنڀاليندڙ (سيڌو پاڌو ۽ رڌ جو انتظام). گاڏهي– دايو. (ث. ٻَٺاري).
ٻَٺي: ث. چُلهو. تنور. ڪاچ جي رَڌ واري جاءِ– چَرَ. نيروٽي جي کُن ۽ ڌوٻين جي ڪنب چاڙهڻ وارو چُلهو. شراب چڪائڻ وارو هنڌ.
ٻُٺي: ث. مٽيءَ جو ڍير– دَڙي. قبر– تربت.
ٻَڄ: ث. سنهڙا ۽ گهاٽا وارَ (جيڪي هٿ لائڻ سان محسوس ٿين). ريشمي ڪپڙي وغيره جي پُرَ. ٻُوجرَ.
ٻُڄُ: ذ. وارن جو مُڇو– چڳُ. وڏا ۽ کهراوارَ. سَنگ جا سُوٽا (ڪڻڪ، جوئر، مکئي وغيره).
ٻُڄ ٻُڄ ڪرڻ: پَٽي کوهي ڇڏڻ. ٽُنبي ڇڏڻ. ڪُٽي سٽي سخت سزا ڏيڻ.
ٻَجا: ظ (ف) روا– جائز. مناسب. درست– صحيح.
ٻَجا آڻڻ: عمل ۾ آڻڻ. پورو ڪرڻ (فرض). مڃڻ (حڪم).
ٻَجاآوَري: ث (ف) پورائي (فرض جي). مڃتا (حڪم جي). پوٺواري– تعميل.

بَجاجُ: ذ (ع. بَزّاز) ڪپڙي جو واپاري. مُنيب- ٻلاوٽو.
بِجارَ: ث. ٿوڙي- ڀِتي. چندو.
بَجاءِ: ظ (ف) انهي جاءِ تي- صحيح. بدران- پاران. سواءِ.
ٻُجرُ: ص. ٻُجن وارو- ٻُوجرو. ڏڳهن وارن وارو (ڪُتو).
ٻَجري: ث. ڪَڪري. ننڍيون پهڻيون.
ٻُچڪو: ذ (ت. بُقچه) ڪپڙي جو ٿيلهو- ڳوٿرو. (ث. ٻُچڪي).
ٻِجلي: ث. وڄ- کنوڻ. اليڪٽريءَ جي روشني- برق. (ص). چمڪندڙ. تيز رفتار. ڦُڙت.
بَجِنسي: ظ (ف) هوبهو- نِس پس- ساڳيو.
ٻُجو: ذ. هٿ جون پنجئي آڱريون ٽيڙي سامهون ڏيکارڻ (نفرت ڪرڻ يا لعنت وجهڻ جو عمل)- ٻُوندو.
بَچاءُ: ذ. حفاظت- سنڀال. امان- پناهه. سلامتي. اوٽَ. اجهو. الزام کان بچاءَ لاءِ ثابتي.
بَچائِڻُ: م. حفاظت ڪرڻ- سنڀال ڪرڻ. پناهه ڏيڻ. آجهو ڏيڻ. پاڇي ڪرڻ.
بَچَتَ: ث. پاڇي- بقايا. بچيل شيءِ. نفعو- فائدو.
بَچَڻُ: م. سلامت رهڻ. پناهه ۾ اچڻ. نجات ملڻ (مصيبت مان). چڙهڻ (بيماري مان). جيئڻ زنده رهڻ. بچت ٿيڻ- پاڇي ٿيڻ. باقي هجڻ.
بَچَ: ث. هُشي (ڪُتي کي). چُرچَ- چورت. هلان جي ترغيب.
بَچَ ڪرڻ: ٻَچڻ (ڪُتو). هُشڪارڻ. ٻئي کي حملي لاءِ هُشي ڏيڻ.
ٻُچان: ث. ڪراهت. ڏڪار- حقارت. منيان.
بَچائِڻُ: م. ٻَچ ڪرڻ. هلان ڪرائڻ. ٻيجارڻ لاءِ ڪا پوائتي شيءِ ڏيکارڻ. پونئتان لاٺي چڙهڻ (ڦڪڙي).
ٻُچائي: ث. ٻُچڙائي. گناهه. خرابي.
ٻُچڙائي: ث. خرابي. بَدي- بُرائي.
ٻُچڙو: ص. برو- خراب. ڪِنو- گندو. ڪوجهو- بدشڪل. ذليل- خوار. (ث. ٻُچڙي).
ٻُچڙو ڪرڻ: خوار خراب ڪرڻ. جٺ ڪرڻ.
ٻَچَڻُ: م. ڪُتي کي ڪنهن ماڻهو يا مِرون تي چڙهڻ. وڙهڻ لاءِ همٿائڻ.
ٻُچو: ص. ٻچڙو. خراب- ڪِنو. بدصورت. بداعمال. گندو- گدلو. (ث. ٻُچي).
بَحال: ظ (ف) برقرار- قائم. درست- صحيح. قبول- منظور. دوباره ملازمت تي قائم (برطرف ٿيل ملازم).
بحالي: ث. منظوري. اجازت. قبوليت. مقرري.
بَحثُ: ذ (ع) دليل بازي. حجت. ضد- هوڏ. ردڪدَ.
بحَث مُباحثو: ذ. ڪنهن مسئلي تي هڪٻئي سان بحث. دليل بازي.
بَحثي: ص. بحث ڪندڙ. ضدي- هوڏي.
بَحرُ: ذ (ع) درياءَ. سمنڊ. عروضي شعر لاءِ مقرر ٿيل وزن. (ص) وڏي علم وارو. فياض.
بَحر ۾ پوڻ: گهڻي ڳالهه ۾ پوڻ. ديگهه ۾ پوڻ. ڳالهه کي ڊگهو ڪرڻ. جهڳي هڻڻ.
بَحرِي: ص. ساموندي. دريائي.
بُحرانُ: ذ (ع) بيماريءَ جي نازڪ گهڙي (زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش). سڪرات. نازڪ حالت.
بَحرانو، بَحرائو: ذ. دريا يا پاڻي جو نذرانو. هندن جي هڪ ڌرمي رسم (جنهن ۾ پاڻي جي ديوتا کي نذرانو چاڙهين؛ اٽي جو پيڙو، جنهن ۾ سينڌر ۽ گل ڦل هڻي، چومکو ڏيو ٻاري پاڻي ۾ ڇڏيندا).
بَحرِي باز، بَحري باشو: ذ. (ع) باز جو هڪ قسم

(مثو ايو، ڪڪلها ڳاڙها، اکيون ڪاريون، ڳچيءَ ۾ ڪارو پٽو، اڱامڻ ۾ تيز).

بُحَيرَه: ذ (ع) ننڍو سمنڊ.

بُخارُ: ذ (ع) ٻاڦ- ٻاپ. گرمي- حرارت. تپُ- ٻرو. ڪاوڙ. ڏک.

بُخار ڪڍڻ: غبار ڪڍڻ. اندر جو ساڙ ڪڍڻ. ڪاوڙ ڇنڊڻ. دل جو بار هلڪو ڪرڻ.

بُخارو: ذ (ع) ڏونهين جي نيڪال لاءِ ڇت جي اندران لهيل چمني.

بَخائِڻُ: م. بخيو هڻائڻ- ٽوپو ڏيارڻ. سبائڻ.

بَختُ: ذ (ف) ڀاڳ- نصيب- قسمت- طالع.

بخت آزمائي: ث. قسمت آزمائي. توڪل.

بَختاوَرُ: ص. بخت وارو- ڀاڳوارو- خوش نصيب.

بخت جي بازي: ث. قسمت جو کيل. خوش قسمتي. تقدير.

بُختِي: ذ (ف) بلخ جو ٻن ٿوهن وارو اُٺ. ٻلو اُٺ.

بَخرو: ذ (ف. بَهره) حصو- ڀاڱو- ڀَتي. نصيب- بخت. انعام- بخشش.

بَخش: ث (ف) معافي. بخشش. انعام. (ص) بخشيندڙ- ڏيندڙ (فرحت بخش، امام بخش وغيره).

بَخش ڪرڻ: معاف ڪرڻ. امداد ڪرڻ.

بَخشائِڻُ: م. ڏوهه وغيره معاف ڪرائڻ. معافي گهرڻ.

بَخشِش: ث (ف) معافي. انعام- عطا. ڏات- امداد. خيرات.

بخشش نامو: ذ. ڪنهن شيءِ بخش ڪرڻ جي لکيت- هبه نامو.

بَخشَڻُ: م (ف. بخشيدن) معاف ڪرڻ. بخش ڪرڻ. عطا ڪرڻ. امداد ڪرڻ. ڏان ڏيڻ. انعام ڏيڻ.

بَخشڻهارُ: ص. بخشيندڙ- معاف ڪندڙ. ڌڻي تعاليٰ.

بُخِلُ: ذ (ع) ڪنجوسي. مرڇوٽائي.

بَخمل: ث (ف. مَخمَل) ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم.

بَخَڻُ: م. (ف. بخيه) بخيو ڏيڻ- سبڻ.

بَخو: ذ (ف. بخيه) ڏسو "بخيو".

بَخُوبِي: ظ (ف) چڱي طرح سان. هر لحاظ کان.

بَخَير، بَخَيرِيَت: ظ (ف) خيرسان. سلامتي سان.

بَخِيلُ: ص (ع) ڪنجوس- شوم- موذي. چيڙاڪ.

بَخِيلِي: ث. ڪنجوسائي. چڙ- ڪاوڙ. وِرچ.

بَخيو: ذ (ف. بخيه) سنهون ٽوپو. هٿ سان ٽوپي جو هڪ نمونو. سيبو.

بَخيا هڻڻ: ٽوپا ڏيڻ. ڳنڍ ٽوپ ڪرڻ.

بَد، بَدِ: ص (ف) خراب- ڪنو- گندو. بڇڙو. اندر پليت- کوٽو.

بدَ اَصُل: ص. ڪميڻو. ڪمذات. رذيل.

بَداَطوار: ص. بدليڇڻ- خراب عادتن وارو.

بَد آنديشِي: ث. مَٺ گهرائي- بدخواهي. دشمني. ڪوتاهه بيني.

بدَ باطِنُ: ص. دل جو پليت- اندر کوٽو.

بَدچَشم: ص. بري نظر سان ڏسندڙ. بدخواهه.

بَدُ: ذ. پيسڪوٽ راند ۾ حڪم (ترپ) کان سواءِ ٻئي رنگ جو پتو.

بِدَ: ث. وڏي هڙ- ڳنڍڙي.

بِدَ: ث. گولين راند جو سَٽُ.

بِدا: ث (ع. وِداع) رخصت- موڪلائي. جدائي.

بَد آخلاق: ص (ف) خراب عادتن وارو. بدفضيلت.

بَداَخلاقِي: ث. ڪليڇائي. بدفضيلتي. بي ادبي.

بَداِعتِقادُ: ص .(ف). خراب عقيدي وارو.

بَداَعمالُ: ص (ف) بڇڙن ڪمن وارو- بدڪار. ڪليڇو.

بدآفعال: ص (ف) برا ڪم ڪندڙ- بدڪار. بدلچڻ. بدفضيلت.

بَدآمني: ث (ف) وڳوڙ- فساد. آنڌ ڌُنڌ.

بَدانتظامي: ث (ف) بي بندوبستي- انڌ ڌنڌ.

بَدائع: ذ (ع. بدِيعَه جو جمع) عجائبات. نيون شيون. شاعريءَ ۾ عجيب صنعتون ۽ ڪاريگريون.

بَدبَخت: ص (ف) نڀاڳو- چندو.

بَدبختي: ث. نڀاڳ.

بُدبُدو: ذ. پاڻي جو ڦوٽو- حباب. افواه. ڪوڙو ناهه.

بَدبُو، بَدبُوءِ: ث (ف) خراب بانس- ڌپ- عُفونت.

بَدتَر: ص (ف) وڌيڪ خراب- وڌيڪ بڇڙو.

بَدتَرين: ص (ف) سڀ کان وڌيڪ خراب- بالڪل خراب.

بَدتَميز: ص (ف) خراب نموني سان پيش ايندڙ- بداخلاق. اڻگو.

بَدتَهذيب: ص (ف) اڻ سڌريل. بي ادب. بيڊنگو. بدفضيلت.

بَدپَرهيزي: ث (ف) ڪاڌي پيتي ۾ ڪري نه ڪرڻ.

بَدپيشه: ذ (ف) حرامڪاري- ڪَسَبُ.

بَدچالُ: ص (ف) خراب چال وارو. آواره- اوباش. زناڪار.

بَدحالُ: ص (ف) تباه حال- ڏتڙيل.

بَدحالي: ث. مسڪيني- تنگدستي.

بَدحَواسي: ث. گهٻراهٽ- پريشاني.

بَدخصالُ: ص (ف) ڪُلڇڻو- بدچال.

بدخَصلتُ: ص (ف) بدعادتو- ڪُلڇڻو.

بَدخُو: ص (ف) بڇڙين عادتن وارو- ڪُلڇڻو.

بَدخَواه: ص (ف) مَٺ گهُرو. ويري- مخالف.

بدَخواهي: ث. مَٺ گهُرائي. دشمني.

بَددُعا: ث (ف) پِٽَ- پِٽ پاراتو.

بَددِل: ص (ف) ناخوش. مايوس- نااميد. ڪڪ.

بَدديانَت: ص (ف) ڪپَٽيو- خيانتي. ٺڳ- دولابي.

بَدديانتي: ث. ڪپَٽ- خيانت- دغا.

بَدذات: ص (ف) گهٽ ذات- ڪمذات- ڪمينو.

بَدَرُ: ذ (ع) سڄو چنڊ- ماهِ ڪامل. چوڏهين جو چنڊ.

بَدرُالدُّجي: ذ. اونداهي رات جو چنڊ. چوڏهين رات جو چمڪندڙ چنڊ. (ذ) نبي سڳوري جو لقب.

بَدَرُ: ذ (ع. بَدَل) عيوض. طرفداري- پاسو. بَدو.

بَدَرُ پوڻ: عيوضو ڏيڻ. بَدو ڏيڻ. پاسو ڪڻڻ.

بَدراه: ص (ف) خراب رستي تي. بدچال- بدڪار. گمراهه. آواره.

بَدران: ظ. بدلي ۾- عيوض ۾. پاران- طرفان.

بَدران پوڻ: پاران پوڻ. طرفداري ڪرڻ- پاسو ڪڻڻ.

بَدرَقو: ذ (ف) سفر ۾ رستو ڏيکاريندڙ- بورائو- سونهون. ساٿي. محافظ.

بَدرِڪاب: ذ. (ف) چڙهيءَ ۾ ڏکيو گهوڙو- اهنڊ گهوڙو.

بَدرنگ: ص (ف) خراب رنگ وارو- ڦِڪل رنگ. (ذ) پيسڪوٽ راند ۾ ترپ کان سواءِ ٻيا پتا.

بدرو: ذ (ف) ڪِني پاڻي جي موري- ڪَسي.

بِدڙي: ث. ننڍي هَڙ.

بَدزَبانُ: ص (ف) اڻگو ڳالهائيندڙ. گارگند ڪندڙ.

بَدزباني: ث. بدڪلامي. گارگند.

بَدزيبُ: ص (ف) اڻ سينگاريل. نه وڻندڙ. بدنما.

بَدسُلوڪ: ص. خراب هلت ڪندڙ- خراب روش هلندڙ.

بَدسُلوڪي: ث. خراب سَوَڻ- بدسڳڻ- بَدفال.

بَدسيرَت: ص (ف) بدڪردار- بدخصلت. بداخلاق.

بدشڪل: ص (ف) بدصورت- ڪوجهو- ٻڇڙو. بدزيب. بيدول.

بدشگون: ذ (ف) بدسون. (ص) نحس.

بدصورت: ص (ف) بڇڙي شڪل وارو- بدشڪل. ڪوجهو.

بدطينت: ص (ف) خراب خصلت وارو- بدخو. بدمزاج. بدذات.

بدظن: ذ (ف) بدگماني- شڪ. (ص) بدگمان.

بدعت: ث (ع) نئين ڳالهه. شريعت ۾ نئين رسم (جا نبي سڳوري جن جي وقت ۾ نہ ٿي هجي).

بدعتي: ص. شريعت جي خلاف عمل ڪندڙ.

بدفعل: ذ (ف) خراب ڪم. بڇڙو ڪم.

بدفعلي: ث. بدڪاري. حرامڪاري. زنا.

بدڪ: ث (ع. بطه) هڪ قسم جو آبي پکي- مرغابي.

بدڪار: ص (ف) بڇڙا ڪم ڪندڙ- بداعمال. گنهگار.

بدڪاري: ث. بڇڙا ڪم- خراب ڪم. زنا.

بدڪردار: ص (ف) خراب خصلت وارو. بدڪار.

بدڪلام: ص (ف) اڻنگو ڳالهائيندڙ- بدزبان.

بدڪلامي: ث. خراب گفتگو. گارگند- بدزباني.

بدگمان: ص (ف) بي اعتبار- شڪي.

بدگماني: ث. بي اعتباري. شڪ شبهو.

بدگوئي: ث (ف) بدڪلامي- گارگند. گلا. چغلي.

بدل: ذ (ع) عيوض- بدلو. جزا. (ظ) بدران.

بدل سدل: ث. مٽاسٽا- ڦيرگهير.

بدلائڻ: م. مٽائڻ- ڦيرائڻ. مٽ سٽ ڪرڻ. بدل سدل ڪرڻ.

بدلجڻ: م. مٽجڻ. ٻيو نمونو اختيار ڪرڻ.

بدلحاظ: ص (ف) بي لحاظ- بي مروت.

بدلڻ: م. مٽائڻ- ڦيرائڻ. رد بدل ڪرڻ. بدلي ڪرڻ.

بدلو: ذ (ع. بدله) عيوض. اجورو. ويرُ- قصاص. انتقام. ڪيتو- جزا.

بدلي: ث (ع. بدله) ملازمت ۾ ڦيرگهير- تبديلي. ملازم جي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ مقرري. مٽ سٽ- ڦيرگهير.

بدمزاج: ص (ف) خراب طبيعت وارو. رڪي سڀاءَ وارو. بدفضيلت. اڻنگو.

بدمزگي: ث (ف) خراب سواد يا ذائقو. اڻبڻت. طبيعت جي ناسازي.

بدمعاش: ص (ف) بدڪرداري جو ڪسب ڪمائيندڙ. لفنگو- آواره. شرير- لچ.

بدمعاشي: ث. بدچالي. ڪميڻپ. لچائي.

بدن: ذ (ع) جسم- تن- بت.

بدنام: ص (ف) خراب نالي وارو. ٻڇڙائي ۾ نالي چڙهيل. خوار- رسوا. (ذ) گهوڙن جي هڪ بيماري.

بدناموسي: ث. خواري- رسوائي. گلا.

بدنامي: ث. خواري- رسوائي. ڪارنهن جو ٽڪو.

بدنصيب: ص (ف) نڀاڳو- بدبخت.

بدنصيبي: ث. نڀاڳ- بدبختي.

بدنما: ص (ف) ڏسڻ ۾ اڻ وڻندڙ. خراب شڪل وارو. ڪوجهو.

بدنو: ذ. پتل، جست يا ٽامي جو ڊگهو مڙيل نليءَ وارو لوٽو. ٽاتوءَ ما نهيل ڪوزرو.

بدنيت: ص (ف) خراب ارادو رکندڙ. دل جو پليت. اندر ڪُنبو.

بدو: ذ. بدلو- عوض (سگ جي صورت ۾). سگ جي عيوض سگ.

بَدي جا سگَ: ذ. سگَ جي عيوض ہيو سگَ. ڏي ۽ وٺ جا سگَ.

بَدُو: ذ (ع. بَدوي) عربستان جو ڳوٺاڻو- بدوي. بدشڪل.

بَدَولت: ظ (ف) سبب سان- جي ڪري. ذريعي- وسيلي- ڪارڻ.

بَدوِي: ذ (ع) عربستان جو ڳوٺاڻو. صحرانشين.

بَدهاضِمو، بدهضِمِي: ذ (ف) پيٽ ۾ کاڌو هضم نہ ٿين. معدي جي خرابي. اڦري- پرتي.

بَدِي: ث (ف) خرابي- بُرائي. بدنيتي- بيائي. تهمت- بهتان. بيڄزائي.

بَدِ، بِدِ: ث. هَڙ- ڳنڍڙي. پنارڪ.

بَدو: ذ. سنبت سالَ جو ڇهون مهينو.

بَدِي: ث (ع. بَدرَه) چمڙي جي ڳوٿري، هَڙ. ڳنڍڙي. ٻيري.

بَذَريعي: ظ (ع) جي وسيلي- معرفت. طريقي سان. هٿان.

بَذله سَنجِي: ث (ف) ٺوڪ بازي. چرچو ڀڳهو. کل مسخري. خوشطبعي.

بَر: ظ (ف) تي- مٿان. مرڪب لفظن جي منڍ ۾ ايندڙ لفظ (جيئن برجستہ، بَرسر، برچشم وغيره).

بَرُ: ذ (ف) ويڪر- موڪَر. ڦلُ. سينو- ڇاتي.

بَرُڪَچِڻ: سينو ساهڻ. برابري ڪرڻ.

بَرُ: ذ (ع. بر) رڻ- بيابان. وسيع مُلڪ- ڪَنڌُ.

بَرمُنهن ڪرڻ: رڻ مُنهن ڪرڻ. ڪنهن نامعلوم هنڌ ڏانهن وڃڻ.

بِرُ، بِرَ: ص. بيزار- ڪِڪ. ڪاوڙيل.

بُرُ: ذ. وات. پيٽُ.

بُر پوڻ: گهرج پوري ڪرڻ. ڇَتي پرڻ (ٻڌي جِي)

بَرآمَد: ث (ف) آمدني- اُپراسو. حاصلات. ملڪي پيداوار جي ٻاهرين ملڪن ڏانهن روانگي.

بَرابَر: ظ (ف) هڪ جيڏو. هڪ جيترو. هڪ جهڙو- مَٽ. هموزن. درست- صحيح. هموار- سنئون سڌو (پٽ).

بَرابَري: ث. هڪ جيڏائي. هڪ جهڙائي- يڪسانيت. هموارِي. همسري.

بَراتَ: ث (ع) ڇوٽڪارو- نجات (شب برات= ڇوٽڪاري جي رات، جيڪا شعبان مهيني جي چوڏهين تاريخ عيد ڪري ملهائين).

بَراجَ: ث (انگ) درياءَ کي ڏنل دروازن وارو بند.

بَرادَ: ث (ع. براه) نجات. عيد. خوشي.

بِرادَر، بِرادرِي: ث (ف) ڀائپي. ڀائيچاري. مائٽي. عزازت. نيات.

بِرادَرُ: ذ (ف) ڀاءُ- اُدو. مائٽ- عزيز.

بَراَفروختہَ: ص (ف) ڪاوڙيل. چڙيل. چِڙيل.

بُراقُ: ذ (ع) اُها سواري جنهن تي نبي سڳورو معراج تي ويو.

بِرانچَ: ث (انگ) شاخ. ڀاڱو. وڏي واهہ مان نڪتل واهہ.

بَرانگيختہَ: ص (ف) ڪڙو ڪيل. اُڀاريل- پڙڪايل.

بَراءِ، براي: ظ (ف) جي واسطي. لاءِ- واسطي.

بُرائِي: ث. مَدي- خرابي. قباحت. عيب. گلا- عيب جوئي. بُيڄزائي- بَدِي.

بَرباد: ص (ف) ويران- اجڙ. ڏُف- ڇِٽ- تباه ضايع.

بَربادِي: ث. سَڃَ- تباهي. پينگ.

بَربَرِيَت: ث (ع. بربر= جهنگلي، وحشي) وحشانيت- حيوانيت- درندگي. ظلم.

بُربُلِ: ث. ڏسو "بُلبل".

بَرتَر: ظ (ف) وڌيڪ مٿانهون. اُتانهون- بلند.

بَرتَري: ث. مٿانهين- بلندي. ترجيح.

بَرتَنُ: ذ. ٿانءُ- باسڻ.

بَرپا: ظ (ف) بيٺل- قائم.

برپا ڪرڻ: کڙو ڪرڻ- قائم ڪرڻ. اُٿارڻ (فتنو وڳوڙ وغيره).

بَرپَٽُ: ذ. بيابان- صحرا. ويراني- سُڃ.

بُرجُ: ذ (ع) قلعي جو ٺُل- ڪُنگرو. تارن جو ميڙ. سج جي گردش وارين ٻارهن منزلن مان هڪ منزل.

بَرجا، بَرجاءِ: ظ (ف) پوري جاءِ تي. هنڌائتو. برابر. موزون.

بِرَج ڀاشا: ث (س) ڀارت جي بِرَج علائقي (مٿرا ۽ ان جي آسپاس) جي ٻولي.

بَرجستو: ظ (ف. بَرجَسته) بروقت- عين موقعي تي- (ص) کڙو تڙو. چست. چالاڪ.

بَرحالُ: ظ (ف) حال تي. قائم. نيڪ- برابر. موزون.

بَرحَقُ: ظ (ف) سچ- درست- صحيح- برابر. (ص) حق تي- سچو.

برخاست: ظ (ف) بس ڪري اٿڻ (ڪچهري، محفل). موقوف (نوڪريءَ مان).

بَرخِلاف: ظ،(ف) اُبتڙ. مخالف. ناسازگار- ناموافق. (ص) مخالفت ڪندڙ- دشمن.

بَرخُوردارُ: ص (ف) شان وارو. خوش بخت- سڀاڳو. (ذ) پُٽ.

بَرداشت: ث (ف) سَهپ. بردباري- تحمل. صبرَ.

بُردِبارُ: ص (ف) بار ڪشندڙ. بارسهندڙ. برداشت ڪندڙ. حوصلي وارو. ڳنڀير- ڪانڌ وارو.

بُردباري: ث. سهَپ- برداشت. صبر- ڪانڌ- حِلم.

بَردَوام: ظ (ف) هميشه- سدائين- دائم.

بَردَه: ص (ف) ٻانهو- گولو. غلام. وڪائل قيدي.

بَرده فَروش: ص. ٻانهن جو واپاري- غلامن جي تجارت ڪندڙ.

بَرده فَروشي: ث. ٻانهَن جو واپار- غلامن جي تجارت.

بَرڙ ٻاڪاسُ: ذ. "راڪاس" ڪان بہ وڏي بلا- ديوُ. (ص) ڪانئو. ڀيٺو.

بَر زَبان: ظ (ف) زبان تي. ياد- حِفظ.

بَرسات، بَرساتِ: ث. مينهن- بارش- وسڪارو.

بَرسَر، بَرسِر: ظ (ف) مٿي تي- سِرَ تي. مٿان.

بَرسِر اِقتدَار: ظ. اقتدار ۾ آيل. طاقتور. حڪومت ڪندڙ- حاڪم.

بَرسِر ڪرڻ: مٿي تي کڻڻ. پاڻ تي هموار ڪرڻ. قبول ڪرڻ.

بَرسيمُ: ذ. گاهہ جو هڪ قسم.

بُرشُ: ذ (انگ) وارن يا وارن جهڙين تندن مان ٺهيل هڪ شيءِ (جنهن سان ڪپڙو، بوٽ، ڏند وغيره صاف ڪجن). مصوري لاءِ وارن مان ٺهيل قلم.

بَرصُ: ذ (ع) ڪوڙهہ جو مرض.

بَرصَوابُ: ظ (ف) برابر- صحيح- پورو.

بَرطَرفَ: ظ (ف) پاسي تي- پري. الڳ. خارج- موقوف (ملازمت مان).

بَرعَڪس: ظ (ف) ابتڙ- خلاف.

بَرعِلائڻُ: م (ف) پنيلائڻ- دوکو ڏيڻ- ورغلائڻ.

بَرفَ: ث ·ف) ٿڌ ۾ ڄميل پاڻي- برف.

برفباري: ث. برف وسڻ جي حالت.

بَرفي: ث (ف) کير مان ٺهيل هڪ قسم جي مٺائي.

بَرقَ: ث (ع) وڄ- کِنوڻ. گاٺ جي گرمي سان هٿراڄو ٺهيل روشني- بجلي.

بَرقَرار: ظ (ف) بحال– قائم.
بُرقعو: ذ (ع. بُرقع) نقاب. زالن جي ستر ڍڪڻ لاءِ هڪ خاص لباس (جنهن ۾ سڄو جسم ڍڪجي وڃي). مراقبي ۾ جسم لڪائڻ جي چادر.
بُرقعو مٿائڻ: لاڏائو ڪرڻ– وفات ڪرڻ.
بَرَڪَتَ: ث (ع) واڌ– گهڻائي. دعا. ڪُٽب ۾ "هڪ" جي بدران ڪم ايندڙ لفظ.
بَرڪِي: ث. ڦٽيون وجهڻ لاءِ وڏي ڳُوڻ.
بَرکُ: ص (ع. بَرکه) ڳائيتي ۾ پهريون. سڀ کان سٺو. مشهور– ناميارو. اڳرو.
بَرگُزيدَه: ص (ف) چونڊيل– ڏٺيل. پهتل (شخص). معتبر– معزز.
بَرمحَل: ظ (ف) موقعي تي– بروقت– ٺهه پهه.
بَرمَلا: ظ (ف) کليو کلايو– ظاهر ظهور. ڏٺو وائٺو.
بَرمو: ظ (ف) سوراخ ڪڍڻ جو اوزار– سيرائِي. ڪوهه وارو نلڪو
بَرميچَڻُ: م (ف. برمچيدن) پاڻ کي ٻئي جهڙو سمجهڻ. برابري ڪرڻ. سينو ساهڻ.
بَرنِي: ث (ف) شيشي، چيني يا پٿر جو ويڪري منهن وارو ٺانءُ (مربو آچار وغيره رکڻ لاءِ)– مَرتبان.
بَرو: ذ (ف. ببر) ٻڪر جو هڪ قسم. (ث. ٻرِي).
بُرويَلو: ص. چڱو مَٺو. نيڪ بَد.
بَروَقت: ظ (ف) انهي مهل. فورا– يڪدم. اُتي جو اتي– ٺهه پهه.
بَروو: ذ (س) هڪ قسم جو پکي. وڻ جو هڪ قسم. هڪ راڳڻي جو نالو. (ص) بيمار. گهايل.
بِرهُ: ذ. جدائي– وڇوڙو. وڇوڙي جو درد– ڦوڙائو. عشق– محبت.
بُرهانُ: ذ (ع) روشن دليل– يقيني ثابتي.

بَرهارو، بَرهاڙو: ذ. پاڻي جو ساندهه وهڪرو. سيلاب– اُٿل. آبڪلاني ۾ پاڻي جي اُٿل. وسڪاري جو آل جال پاڻي.
بَرهَم: ص (ف) چڙوچڙ– ٺڙيل پڪڙيل. ڪاوڙيل. ڏمريل– ناراض.
بَرهَمِي: ث. انتشار– ابتري. ڪاوڙ– ڏمر.
بِرَهما: ذ (سن) ايشور جي ٽن صفاتي روپن مان پهريون روپ. اُپائيهار.
بِرَهَمچارِي: ذ (سن) اُهو برهمڻ جو جڻئي پائڻ کان گرهست (پرڻي) ٿائين سَتو جتو رهي. ڌرمي وديار ٿي.
بِرَهمَڻُ: ذ (سن) هندو ڌرم جي چئن ورنن مان پهرئين ورن وارو (هڪ عقيدي موجب برهما جي مک مان پيدا ٿيل). ويدن جو ڄاڻو– پنڊت.
بِرَهنَہ: ص (ف) اگهاڙو– ننگو– عريان.
بَرِي: ص (ع) بيگناهہ– بي ڏوهي. آزاد.
بَرِّي: ص (ع) بريت جو– صحرائي. خشڪي جو.
بَرِي: ث. زناني چولي ۾ چاتي وٽ ٺهيل کيسو. ٻڪريءَ جو هڪ قسم.
بِريانُ: ص (ف) ڀڳل. باهہ. تي پَڪل (گوشت). سڙيل.
بِريانِي: ث (ف) گهڻي گوشت ۽ گيهہ وارو پُلاءُ.
بِريز بِريز: ث (ف) اجائي ٽڪڙ. وٽ پڪڙ. هاءِ گهوڙا.
بِريڪ: ث (انگ) روڪ. مشيني گاڏي کي روڪڻ جو اوزار.
بَڙُ: ذ. هڪ قسم جو وڻ (جيڪو ٻڌ ڌرم وارن لاءِ پوتر آهي).
بَڙاشَ: ث. ٻٽاڪ– باڙ.
بَڙائِي: ث. وڏائي– سيٺ– آڪڙ.

بَڙ بَڙِ: ث. بڪ بڪ. ٻَڻ ٻَڻ- ٻَٽ ٻَٽ.
بَڙ بڙيو: ص. گهڻ ڳالهائو. زبان دراز.
بُڙ بُڙ: ث. بوڙيا ڪري وهندڙ پاڻي جو آواز. حُقي يا چلم جو آواز.
بَڙڇي: ث (ف. بَرڇي) ڀالو.
بُڙدالو: ذ. ڀراءُ لاءِ وڏل اڳڙيون ٽڳڙيون.
بُڙدانا ڪڍڻ: اندر پيل سامان ٻاهر ڪڍڻ. آنڊا گجيون ڪڍڻ.
بُڙڪَڻُ: م. بُڙ بُڙ ڪرڻ. اُبامڻ (پاڻي)- ٽهڪڻ.
بُڙڪو: ذ. پاڻي جي بوڙيي جو آواز. حقي يا چلم جو بُڙڪو. پاڻي ۾ گوتو کائڻ يا ڪرڻ جو آواز.
بُزُ: ث. (ف) ٻَڪري. (ص) بيوقوف- ٻُوڪ.
بَزارِ: ث (ف) ڏسو "بازار".
بَزازُ: ص (ع) ڪپڙو وڪڻندڙ- بجاج.
بُزدِل: ص (ف) ٻــڪــريءَ جي دل وارو. ڊڄڻــو. ڪانئر.
بُزدِلي: ث. ڪانئرپڻو. بي همتي.
بُزُرگُ: ص (ف) وڏو. وڏيءَ عــمــر وارو- پيــرســن. معزز. وڏو عالم. درويش.
بُزرگِي: ث. وڏائي، عظمت، شرافت، درويشي.
بَزگِيرُ: ص (ف. بَزرَگر) هاري. ڪمي- پورهيت. نوڪر.
بَزگِيري: ث. پورهيو. مزوري. چاڪري.
بَزمِ: ث (ف) محفل- مجلس- ڪچهري.
بَزور: ظ (ف) زور سان. زوري- جَبراً.
بَس: ث (ف) مات- چُپ. ٺهر. خاتمو- انتها. (ظ) بي طاقت- چٽ. بيڪار.
بَس ٿي وڃڻ: چپ ٿي وڃڻ. ختم ٿي وڃڻ. چٽ ٿي وڃڻ. ڏٻرو ٿيڻ. بي طاقت ٿيڻ.

بَس: ث (انگ) مسافرن جي سواري واري لاري.
بَسا اوقات: ظ (ف) گهڻو ڪري- عام طرح.
بِساطُ: ذ (ع) چوپڙ يا شطرنج راند جو خانن وارو ڪپڙو.
بَسالَتَ: ث (ع) بهادري- شجاعت.
بُستانُ: ذ (ف) باغ- چمن.
بِستَرُ: ذ (ف) بسترو- هنڌُ.
بِستر بَندُ: ذ. هَنڌ ويڙهي ٻڌڻ جو غلافُ.
بِسترو: ذ (ف) وڇائو- هنڌ. بسترو.
بِسترو گول ڪرڻ: هنڌ ٽپڙ ٻڌڻ. لڏي وڃڻ. بيدخل ٿيڻ.
بِستري داخل: ص. مريض- بيمار.
بَستو: ذ (ف.بسَته) اهو ڪپڙو جنهن سان هڙ ٻڌجي. ٿيلهو (ڪپڙن يا ڪتابن رکڻ جو)- پوٽڙي.
بَستِي: ث (سن. وَستي) وسندي- آبادي- واهڻ.
بَسَروچَشم: ذ (ف) مٿي ۽ اکين تي. خوشيءَ سان.
بُسرِي: ث. ڳڙ واري ماني- ڳُڙهاڙي.
بِسڪُوٽُ: ذ (انگ. بسڪيٽ) اٽي، ميدي ۽ سٽي وغيره مان پڪل هڪ قسم جي مِٺي ٽِڪي.
بِسمِ اللهِ: ث (ع) "بسم الله الرحمن الرحيم" جا پهريان لفظ (الله جي نالي سان). شروعات- ابتدا. ٻار کي مڪتب ۾ ويهارڻ جي رسم. (ظ) ڀلي ڪري.
بِسمِل: ص (ف) ڪُنلِ- ذبح ٿيل. گهايل- قتيل.
بَسَنتُ: ذ (سن. وَسنت) بهار جي مند (چيٽ ۽ ويساک جي مهينن ۾ ٿئي). هڪ راڳڻي جو نالو.
بَسِي: ث. چينيءَ جي پليٽ- ساسَر.
بِسيار: ص (ف) گهڻو- جهجهو.
بَسِيطُ: ص (ع) ڪشادو- وسيع. پکيڙيل.
بِشارَتَ: ث (ع) خوشخبري. مبارڪ- واڌائي.

بشاسُ: ص (ع) خوش- سَرهو، کلمک.

بَشرُ: ذ (ع) اِنسان- آدمي- ماڻهو.

بَشَرِيَتَ: ث. آدميت- انسانيت.

بَشرطيڪہ: ظ (ف) انهي شرط سان.

بُشڪُون: ث (ف) گهوڙي جي ڪنڌ جا وارَ.

بِشِنِي: ص. ڳنڍيچوڙ.

بَشِيرُ: ص (ع) بشارت ڏيندڙ. (ذ) نبي سڳوري جن جو هڪ لقب.

بِصارَتَ: ث (ع) اک جي روشني- نظر- ديد.

بَصَرُ: ذ (ع) اک. نگاه- بينائي

بَصَرُ: ذ (ع. بَصَل) پياز.

بَصِيرُ: ص (ع) ڏسڻ وارو- ڏسندڙ- بينا. (ذ) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

بَصِيرَتَ: ث (ع) بينائي. اندر جو سوجهرو.

بَطَنُ: ذ (ع) پيٽ- شِڪَم. اندر- ڳُجهہ.

بِعثَتَ: ث (ع) رسالت- پيغمبري- نبُوت.

بَعد: ظ (ع) پوءِ. پٺ ۾.

بُعدُ: ذ (ع) دوري- مفاصلو- وِثي.

بَعض: ظ (ع) ڪي- ڪجهہ.

بَعضي: ظ (ع) ڪنهن وقت- ڪڏهن- اِتفاقا.

بَعضي بعضي: ظ. ڪڏهن ڪڏهن.

بِعَينِه: ظ (ع) هوبهو- ساڳيو.

بَغاطو: ذ. بغاوت- فساد. گوڙ- هنگامو. هُل.

بَغاوَتَ: ث (ف) سرڪشي- نافرماني. حڪومت جي مخالفت. وڳوڙ- فساد.

بَغدادُ: ذ (ع) عراق جو هڪ شهر. (بغداد جي تباهي تان ڪنايه معني) ظلم- ڪهر.

بُغدِي: ذ. ف (بُختي) سگهارو لاڏو اُٺ.

بُغضُ: ذ (ع) ڪِينو- حسد. دشمني- وير.

بَغَلُ: ذ (ف) ڪڇ.

بَغل ٿيلهو: ذ. ڪڇ ۾ ڪڻي هلڻ جهڙو ٿيلهو. (ث. بغل ٿيلهي).

بَغل لوڪڻ: خوشيءَ مان ڪڇون لوڪڻ. خوش ٿيڻ. ڪڇيون هڻڻ.

بَغلگِيرُ: ظ. ڀاڪرين- ڀاڪر ۾.

بَغلِي: ث (ف) قميص يا پهراڻ ۾ ڪڇ واري حصي جو ڪپڙو. اُٺ جي هڪ بيماري. بغل ٿيلهي. ملهہ يا راند جو هڪ داءُ.

بَقِير: ظ (ع) کان سواءِ- علاوه- بنان.

بَقا، بَقاءُ: ذ (ع) هميشه رهڻ جي حالت. جٽاءُ..

بَقالُ: ص (ع) ڀاڄي يا ميوو وڪڻندڙ. بڪاري.

بَقايا: ث (ع) بچت- ڀاڃي. رهيل رقم (قرض).

بَقَرہُ: ذ (ع) ڳئون- وَهُڙي. قرآن شريف جي هڪ سوره.

بَقرعيد: ث. عيدالاضحيٰ- حج واري عيد.

بُقعه: ذ (ع) هنڌ- ماڳ.

بُقعه نورُ: ذ. نُور وانگر نهايت روشن هنڌ.

بَقِيه: ذ (ع) باقي رهيل حصو- بچت.

بَڪَ: ث. اجايو ڳالهاءُ. بڪي. ڳالهہ جي اجائي ديگهہ.

بَڪ ڪرڻ: جهڳي هڻڻ. گهڻو ڳالهائڻ. بيهودو ڳالهائڻ.

بُڪُ: ذ. (ٽنگ جي) پني. ڏونرو (ٻانهن جو).

بُڪُ، بُوڪُ: ذ (انگ) ڪتاب.

بَڪارِي: ص (ع. بَقّال) ميوو ڀاڄي يا گل وڪڻندڙ. (ث. بَڪارڻ).

بُڪاءُ: ذ (ع) روڄ- ماتم.

بَڪ بَڪَ: ث. بڪواس- بڪي. اجايو گهڻو ڳالهائڻ.

بَڪتَر: ث (ف. بگتر) لوهہ جي زرهہ.

ٻَڪَرُ: ذ (ع، بقل) سائي ڀاڄي ۽ ميوو. وڪر.
ٻَڪرَمُ: ذ (انگ) ڪپڙي جو هڪ قسم (ڪوٽن وغيره ۾ استر جي ڪم اچي).
ٻَڪَلُ: ذ (انگ) وارن کي قابو ٻڌڻ جو ڪلپ. سپاهي کي عهدي جي سڃاڻپ لاءِ مليل پلو.
ٻَڪَڻُ: م. گهڻو ڳالهائڻ. اجايو ڳالهائڻ. اڻنگو ڳالهائڻ. وقلڻ.
ٻَڪواسَ: ث. بڪ بڪ- ٻڪي. بيهودي گفتار.
ٻَڪواسِي: ث. بڪ بڪيو- گهڻ ڳالهائو- واتراڏو.
ٻُڪِي: ث. گڙدو- ٻني (ٽنگ جي).
ٻڪُ: ذ. ڪاڄ. ٻَلُ- قرباني.
ٻُڪَ: ث. ڪاڌي جي اشتها. لنگهڻ- فاقو. هٻڇ- حرص.
ٻُڪارو: ص. بکيو- لنگهڻو. (ث. بکاري).
ٻُڪائِجَڻ: م. بک لڳڻ. لنگهڻو. سِڪايل. بکايل: ص. بکارو- بکيو-
ٻَڳَڻُ: م. روشن ٿيڻ. چمڪڻ- دونڪڻ. ٻرڻ (باهه). ڏڳڻ (ٽانڊا). ظاهر ٿيڻ- ڏيکائي ڏيڻ.
ٻِکيا: ث (سن. ڀِڪشا) ڀيک- خيرات- دان.
ٻِکياري: ص. ڀِڻو- گداگر- فقير.
ٻکيڙو: ذ. تڪرار- جهيڙو. هُل- گوڙ. انتشار.
ٻُکيو: ص. بکايل. هٻڇي. لالچي. (ث. بکي).
ٻکيي پيٽ: بک ۾. نيراني- لنگهڻي.
ٻَگُ: ص. اڇو- سفيد (ذ) ڪوڙهه جو اڇو ٽڪو. پوک جو هڪ مرض (جنهن ۾ پن اڇا ٿي وڃن).
ٻِگاڙُ.**ٻِگيڙُ**: ذ. خرابي. ڦيٽارو. نفاق- اٻٽت.
ٻِگاڙڻ، **ٻِگيڙڻ**: م. ڦٽائڻ. ڪارڻ- خراب ڪرڻ.
ٻِگاڙو: ذ. خرابي. ڦيٽارو. نفاق.
ٻِگرِ: ظ (ع. بِغَير) سواءِ- ڌاران- بنان.

ٻَگِري: ث (ف. بغلي) ڳوٿري (جا بغل يا ڪڇ ۾ ڪڇي هلجي).
ٻِگڙَڻُ: م. خراب ٿيڻ- ڦِٽڻ. ڪاوڙجڻ- ڏمرجڻ.
ٻِگِلُ: ذ (انگ) توُتارو.
ٻِگل ڦِري وڃڻ: جنگ جو اعلان ٿيڻ. خيال مَٽجي وڃڻ. حالت خراب ٿيڻ. حواس خطا ٿيڻ.
ٻَگو: ص. اڇو- ڀُورو- سفيد. اڇي رنگ جو (جانور وغيره). (ث. ٻَگِي).
ٻُگو: ذ. ٽڻ مان ڪير ڏاڻڻ لاءِ ڦر جو ٺونو. ٽڻ مان ڳوهي ڪڍڻ لاءِ مَٽ جي نِپوڙ.
ٻُگو هڻڻ: ٺونو هڻڻ. ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ حيلو ڪرڻ، ڏٽو ڏيڻ.
ٻَگِي: ث، چئن ڦيٿن واري گهوڙي گاڏي- وڪٽوريا گاڏي.
ٻَگهاڙُ: ذ. ٻگهڙُ. (ث. ٻگهاڙي).
ٻَگهاڙِي، **ٻَگهِياڙِي**: ث. لوهي ڪوڙڪو (جنهن ۾ شڪار جي جانور جي ٽنگ ڦاسي). پاڪڙي کي مضبوطي سان ٻڌڻ لاءِ لوهي دوشاخي ڪِلي.
ٻگهڙُ: ذ. هڪ مشهور جهنگلي جانور- گرگ. (ص) ڦڙت. چالاڪ.
ٻَگهِياڙِي: ث. مادي ٻگهاڙين جو ولر.
ٻِلُ: ذ (انگ) خريداري جي وچور جو چٺو. پگهار وغيره جو اختياري حڪم. قانون جو مسودو.
ٻُلُ: ذ. ٽپ- چال. ٻال جو ٽيڙ- ٽينگ. لغڙ کي اُڇل. گري (ڪمند جي). ڏوڏو (اَڳر جو). وَجُهه- موقعو. وَٽُ- مروڙ.
ٻُلَ کائڻ: ٽپ ڏيڻ. وَٽ کائڻ. ليڙ (سُور ۾). ليڙ ٽڪڻ. ڪوشش ڪرڻ- جَهٽ هڻڻ.
ٻَلا: ث (ع. بَلاء) مصيبت. زحمت- تڪليف. جنّ

پوت. رپ-.آفت. ناٽڪ جو هڪ قسم (جيڪو ٿي نه ڪڏي). (ص) چالاڪ. هوشيار.

بِلا: ظ (ف) کان سواءِ- بغير- ڌاران- بنان (عموما مرڪب لفظن ۾ ڪم ايندڙ اڳياڙي جئن: بِلا تاخير، بِلاوجه وغيره).

بِلاشڪ: ظ (ف) بنان شڪ جي- بيشڪ. يقينا.

بَلاغَت: ث (ع) ڪلام جي سيني خوبين ۽ معنائن جي ادائگي. خوش گفتاري سيڪاريندڙ ڪلام (جنهن جون ٽي شاخون: علم معاني، علم بيان، علم بديع).

بِلاڪُ: ذ (انگ) ڪارب. ڪنهن لکيت يا نقش جو سانچو. زرعي زمين جو سورهن ايڪڙن وارو ٽڪ.

بِلاوَلُ: ذ. شاه جي رسالي جو هڪ سُر. هڪ ٺاٺ ۽ راڳڻي جو نالو.

بِلائِتو: ص. هٺيڪو- سوگهو- ٿابو (ث. بلائتي).

بَلائُو: ذ. ٻارن کي ڊيڄارڻ لاءِ خيالي جانور- ٻائُو.

بَلبُ: ذ (انگ) بجليءَ تي ٻرندڙ شيشي جو گولو.

بَلبَل: ث. هار سينگار يا ڏيک ويک (جنهن جي ڏسڻ سان وات مان "بَلي بلي" جا لفظ نڪرن).

بُلبُلِ: ث (ف) مشهور ننڍڙو پکي- بُربل- پوري.

بُلبل چَشم: ذ. هڪ قسم جو سنهون ڇاريدار ريشمي ڪپڙو. ڪيس جو هڪ قسم.

بَلدِيَه: ث (ع. بلده) شهر. شهري انتظام جي جماعت- ميونسپل.

بُلغارُ: ذ. ساوڪ- سرسبزي.

بَلغَمُ: ذ (ع) ڦڦڙن ۾ پيدا ٿيندڙ خِلط (جيڪو ڪنگهڻ سان خارج ٿئي). ڪانگهارو.

بَلڪِ: ذ (ع. بل+ ف. ڪه) پر- انهي هوندي. ويتر.

بلڪُل: ظ. ڏسو "بالڪل". بِنهه- سراسر- سمورو.

بلُمفتو: ظ. مفت ۾- اجايو. بيڪار.

بُلَند: ظ (ف) اُوچو- اُتانهون. مٿانهون- اعليٰ. برتر.

بُلندي: ث. اوچائي. برتري.

بِلو: ذ. حيلو- اُپاءُ- تدبير. بندوبست. تدارڪ. واهه. ليکو- حساب جو وچور. اهڃاڻ.

بِلوبِيڙي: ث. حيلو وسيلو. ليکو چوکو.

بلوچَ: ذ (ف) بلوچستان ۾ رهندڙ قومون.

بِلورُ: ذ (ع) چمڪندڙ ۽ شفاف شيشو. قدرتي شيشو. شيشي جي گولي- ڇِڏو.

بُلوغَتَ: ث (ع) بالغ ٿيڻ جي وهي. ساماڻجڻ جي حالت. جواني.

بَلوو: ذ (ف) بغاوت- وڳوڙ. فساد. شورش.

بَلهويرُ: ص. بي حياءِ- بي ساڃاهه. ڪميڻو. وحشي.

بِليَڪ بوردُ: ذ (انگ) اسڪول ۾ چاڪ سان لکڻ لاءِ ڪارو تختو.

بَلي: ذ (ع. بَليٰ، ف. بلي) هائو. واهه! خوب! مار!

بَلي بَلي: ذ. واهه واهه!

بِلي: ظ. واسطي- لاءِ. حوالي. ليکي ۾.

بُلي: ث. ڳري (ڪمند جي). ڏوڏو (اڱر جو).

بَليغُ: ص (ع) خوش ڪلام. خوش بيان. ادبي زبان جو ماهر.

بَمُ: ذ (ف) دهل. ڏڪڙ. نغاري وغيره جو ڳري آواز وارو ٽر پاسو. رعب- دهمان. ڏٽو- دم. گهوڙي گاڏي ۾ ڏپاسي واري اُها ڪاٺي جنهن سان گهوڙو ٻڌجي. (انگ) بارود جو گولو.

بَمباري: ث. گولن جو وسڪارو.

بَم پکيڙو: ذ. وڏو بندوبست. گوڙ گهمسان.

بَم گولو: ذ. بارود جو گولو.

بَمبُو: ذ (انگ) ٽيليفون يا تار جو پورو لوهي ٿنيو.

بَمجَڻُ: م. هوا سان ڦوڪجڻ. ڏٽجڻ. سيڄجڻ.

ٻَمَعَ: ظ (ع) گڏ- ساڻ- سميت.
ٻَنُ: ذ (سن. وَن) جهنگل- وڻڪار.
ٻَنُ: ذ. ناهہ- سينگار.
ٻَن ٻَنائڻ: وڏا بندوبست ڪرڻ. رٿون رٿڻ. محفل سينگارڻ.
ٻِن: ظ. ٻنان- ڌاران- سواءِ- بغير.
ٻِنُ: ذ (ع) پٽ- ولد.
ٻِنا، ٻِناه: ظ. سواءِ- ڌاران- بغير.
ٻِنا، ٻِناءَ: ث (ع) پيڙهہ- بنياد. اڏاوت. سبب.
ٻَنات: ث (ف. بانات) ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم.
ٻَناسپتي: ذ. جهنگلي ٻوٽا ۽ گاهہ. سبزين جي تيل مان ٺهيل گيهہ.
ٻَناوَتَ: ث (ع. بَني) اڏاوت- عمارت. بيهڪ. ساخت- گهاڙيٽو. جوڙجڪ- ٺاهپ. ڏيکاءُ.
ٻَناوَتي: ص. ملاوتي- گاڏڙ. جڙتو- نقلي.
ٻَنائِڻُ، ٻَڻائِڻُ: مر (ع. بَني) ٺاهڻ- جوڙڻ. اڏڻ. مَنڍڻ. سينگارڻ. رٿڻ- سٽڻ.
ٻِنتُ: ث (ع) ڌيءُ- دختر.
ٻَنجَڻُ، ٻڻجڻ: مر. ٺهڻ. ٺيڪ (اڏاوت). راس ٿيڻ.
ٻَنڌُ: ذ (ف) روڪ- جهَل. منع- بندش. قيد. پاڻي کي روڪڻ لاءِ مٽيءَ جو بنو. ٻن پارن جي وچ واري ڪَڙ. سَنڌُ (عضون کي ڳنڍيندڙ). ڪانن جو ڳُڙو. گهوڙي يا ڪُتي جو چَڪُ. شعر جي هڪ مصرع. ملهہ جو هڪ داءُ. (ص) ٻَڌندڙ (جيئن ازاربند، جلد بند وغيره). (ظ) قابو- سوگهو. گرفتار. جهليل. پُوريل (در).
ٻَندِگيرُ: ص. باندي- قيدي.
ٻَنديخانو: قيدخانو- جيل.
ٻَندجَڻُ: مر. روڪجڻ. جهلجڻ. ٻڌجڻ- گرفتار ٿيڻ. بند ٿيڻ. پورجڻ. ڪُڙجڻ. لِڱ چڙهڻ.
ٻَندَرُ: ذ (ف) دريا يا سمنڊ جي ڪناري وارو ٽڙُ. دريائي يا سامونڊي ڪناري وارو شهر.
ٻَندرگاهہ: ذ. جهازن وغيره جي لنگر هڻڻ وارو ٽڙُ.
ٻَندَرَ: ث. ڊگهو آهرو (جنهن ۾ هڪ ٿي وقت گهڻا جانور چارو کائي سگهن).
بندرو: ص. ننڍي قد وارو. (ث. ٻندري).
ٻَندِش: ث (ف) روڪ. جهل- منع. جملي ۾ لفظن جي موزون بيهڪ
ٻَندگي: ث (ف) ٻانهپ. عبادت. اطاعت. آداب.
ٻَندَڻُ، ٻَندِڻُ: مر. بند ڪرڻ. روڪڻ- جهلڻ. اَڏ ڏيڻ. ٻڌڻ- سوگهو ڪرڻ. پورڻ. قيد ڪرڻ.
ٻَندو: ذ (ف. بنده) ٻانهو- غلام. نوڪر. ماڻهو. (ث. ٻَندِي).
ٻَندوبَستُ: ذ (ف) جوڙجڪ- ٺاهہ ٺوهہ- انتظام.
ٻَندوقَ: ث (ت) هڪ بارودي هٿيار (ڪارتوس ۽ گولين هلائڻ لاءِ)- تُفنگ.
ٻَندُوقچي: ص. بندوق هلائيندڙ- تفنگچي.
ٻَندهَ: ذ (ف) بندو. ٻانهو- غلام.
ٻَنده پَروَرُ: ص. ٻانهن جي پرورش ڪندڙ. حاڪم.
ٻَنده نَوازُ: ص. ٻانهن تي مهرباني ڪندڙ.
ٻَندي: ث (ف) بندش. منع. قيد. ٻَڌڻ يا بند ڪرڻ جو عمل (جيئن جلد بندي، حدبندي وغيره). ٻانهي. قيدياڻي. ننڍو ڪتابڙو- چوپڙي. ليکي چوکي جو ڪتاب- وهي.
ٻنديون پٽڻ: وهيون جاچڻ. اعمال نامو جاچڻ. عيب ثواب اُگهاڙڻ.
ٻندياڻي: ث. قيدياڻي- باندي.
ٻَنڊُ: ذ. ٽُڙ يا وڏو ٿُلهو ڏار. ٿُلهو ڪاٺ. (ص) ٿلهو

(ماڻهو). ڀڙوڇائڻ.

بُند پَتائڻ: پڄي وڃڻ. وَنڌون وڃڻ.

بُند وڃائڻ: پاڙئون پٽڻ. ناس ڪرڻ. وجود گم ڪرڻ.

بَندِلُ: ذ (انگ) ڳهو- دستو. بنڊل پڙو.

بندِل هڻڻ: ڏنا ڏيڻ- ڪوڙ هڻڻ. ٻٽاڪون هڻڻ.

بُندي: ث. ٿلهيرڙي ڪاني. ٻرندڙ ڪاني- اُماڙي.

بَنرو: ذ. گهوٽ- لاڏو- ونو. (ث. بنري).

بَنِسبَتِ: ظ (ف) بابت- باري ۾- متعلق.

بَنسِري: ث. وڄائڻ جو مشهورساز- بانسري.

بَنگِلو: ذ (انگ) ڪشادي ۽ وڏن ورانڊن واري عمارت (جنهن جي اڳيان ۾ باغيچو به هجي).

بَن مانس: ذ. جهنگلي رڇ جو هڪ قسم.

بَنو: ذ. گهوٽ- لاڏو- بَنرو.

بَنُو: ذ (ع) پٽ- اولاد (بنو آدم، بنو اميه وغيره).

بِنو: ص. پيٺل نڪ وارو- منو. (ث. بني).

بَنواسُ: (سن) جهنگل ۾ واسو. دنيا کي ترڪ ڪري جهنگ ۾ وڃي رهڻ. برهمڻن جي حياتي جو هڪ آشرم.

بِنهه: ظ. هرگز- مُور- پَٽيءَ- بلڪل.

بَني: ذ (ع) اولاد- پُٽ (بني آدم. بني اسرائيل وغيره).

بَني آدم: ذ. آدم جو اولاد- انسان ذات.

بَني بَشر: ذ. انسان ذات. ماڻهو جيٽو.

بُنيادُ: ذ (ف) پيڙهه. پاڙ- جَڙ. بُنُ. شروعات.

بُنيادِي: ص. شروعاتي. اصلي. قديمي. پيڙهائتو. خانداني شرافت وارو.

بُنُ: ذ (ف. بُن) پاڙ- جَڙ. پيڙهه- بنياد. منڍ. نسل- پِري- اولاد. خاندان- آکهه.

بُنائتو: ص. خانداني. سُٺي نسل وارو- پيڙهائتو.

بُن بُنياد، بُن بُنياد: ذ. اصل نسل.

بَنُت: ث. ناهه- اتفاق. سٺو سلوڪ.

بَنُڇِي: ث. (ف. برڇي) لوهي ڇهنبدار لٺ- ڀالو.

بَنُڻُ: م. بنجڻ. ٺهڻ- جڙڻ.

بُو: ذ (ع. "اَبُو" جو مخفف) پيءُ (جيئن بُوعلي، بُوتراب وغيره).

بُو: ث (ف) بُوءِ- بانس. اثر.

بَواسير: ذ (ع) موڪا. موڪن جي بيماري.

بُوالعَجبُ: ذ (ع) حيرت جهڙو- عجيب.

بُوالفُضُولِ: ص (ع) اجايو خرچ ڪندڙ- هٿ ڇاڙ.

بُوالهَوَسِ: ص (ع) لالچي- حريص. سڌڙيو.

بُوبنا، بُوبني: ص. سهڻي. البيلي. پياري.

بوتَلَ: ث (انگ) ٻاٽلي- شيشو.

بوتو: ذ. بُت (مٽي، پٿر، ڌاتو وغيره مان ٺهيل)- پُتلو- مجسمو. بدن- جسم. ڪارب- سانچو. ننڊو اُن- گوڻرو- ڪنوات.

بُوتو: ذ. جسم- بدن. طاقت- ٻل.

بُوٽُ: ذ. (انگ) انگريزي نموني جي مرداني جُتي.

بوٽ: ث. هلڪو تپ- تؤنس.

بُوجَرَ: ذ. ڪپڙي وغيره جون ٽوپي ڪان ٻاهر نڪتل تندون. تاندورا. مُنجهل وار. ٻُڄ.

بُوجرو: ص. بُجن وارو.

بوجو: ذ. بار- وزن- بوجهه.

بوڄُ: ذ. بيڙائي- بَدي. گناهه- ڏوهه.

بوڇَڻُ: ذ. ڪُلهي تي رکڻ لاءِ پوتڙو يا توال.

بوڇِڻي: ث: ڇَريل اوڍڻي- چُني.

بود: ث (ف) خوشي. مستي- خمار. سامت. سجاڳي.

بود ۾ اچڻ: سامت ۾ اچڻ. بيماريءَ مان ڪجهه ساهه

پٽڻ. سچيتائي ۾ اچڻ.
ٻُود: ذ (ف) هئڻ. هستي- وجود. بقاءِ.
ٻُودوباش: ث. موجوگي. رهائش- سڪونت.
ٻُودِڪي: ث. ٻُور- ريڇڪ.
ٻُودَلُ: ص. بيعقل. واٺڙو- واڇان. چريو (ث. ٻُودَلِ).
ٻودِلو: ص. پورڙو- موڳو. ٻالو ٻولو. چاڳلو- لاڏلو.
(ث. ٻودلي).
ٻودو: ذ. (ف. بوته) بوٽو- اُٽ.
ٻوڏُ: ذ. جُوءِ- ٽولهر.
ٻوڊو: ذ. سِنگهه- ڳوهو.
ٻورُ: ذ. سونهري يا ڳاڙهي رنگ وارو گهوڙو.
ٻوراڪُ: ذ. نئون ساماڻل ڇوڪرو- نوخيز ڇوڪرو.
ڳڀرو. بالغ. (ث. ٻوراڪِ).
ٻوراٿو: ص. اڳواڻ- سُونهون. رستو ڏيکاريندڙ
(هنگلاج ڏانهن ويندڙ قافلي جو). رهنما- رهبر.
ٻورچي: ص (ت. باورچي) رڌپچاءِ ڪندڙ- راڌو. (ث.
ٻورچياڻي).
ٻورچي خانو: ذ. رڌڻو.
ٻورڊُ: ذ (انگ) سڪول ۾ چاڪ سان اکرن لکڻ لاءِ
ڪاٺ جو ڪارو تختو. ڪاروباري ڪاميٽي- انجمن.
ٻوريا: ذ (ف) تڏو.
ٻوريانشين: ص. تڏي تي ويهندڙ. مسڪين.
ٻوڙِ: ث. اُٽ جي مستيءَ واري گوڙ.
ٻوڙيندو: ذ. ڳڙ يا کنڊ ۽ ترن مان ٺهيل لڏون. مٺيءَ
جو پورو گولڙو (جنهن ۾ ٽي سوراخ ڪري سازن طور
ڪم آڻين).
ٻوڙيو: ذ. جَرڦوٽو- حُباب.
ٻُوزُ: ص (ف. بُز) ٻڪر جهڙو. جهنگلي. بيوقوف.
ٻوستانُ: ذ (ف) باغ- بُستان.

ٻوسڪي: ث. سِلڪ (ڪپڙو).
ٻوسو: ذ چيٺو. وڏو چيٺو.
ٻوسو، ٻوسَه: ذ (ف. بوسه) چُمي- مِٺي.
ٻُوسو: ذ. ڪڻڪ جي اٽي جو ڇاڻُ- ڪَتَرَ.
ٻوسِي: ث. درياءَ جي سيلاب تي ٿيندڙ پوک.
ٻوسِي ٽڪا: ٻنا پورهئي حاصل ٿيل رقم.
ٻوسيدَه: ص (ف) پُراڻو ۽ ڳريل- جهونو ۽ سڙيل.
ٻُوڪَڻُ: م. ٽيڪڻ- دست هڻڻ. دڇڻ.
ٻوڪڙُو: ص. بکيو. بي پاڙو- رولو. سُڃو- ڪنگال.
ٻولُ: ذ (ع) مقعد. پيشاب.
ٻولاٽي: ث. بازولي- ڪلابازي.
ٻولاندو: ذ. وڏو آنڊو.
ٻُولو: ذ. ٽَڪ جو هڪ ڳهه.
ٻُولِي، ٻُولڙي: ث. ننڍو ٻُولو (ڳهه).
ٻُونبُ: ذ. ڪُوهو (ٻيڙي يا جهاز جو). گنبذ جي چوٽي.
نِيل جي ڪنگري ڪٽ جي پاڻي جي مٿين ٻُنجي.
ٻُوندَ: ث. ڦُڙو- قطرو. ڪَٽي (مِينهن جي). ڦُڙ ڦُڙ-
سنهون مِينهن.
ٻُوندي: ث. مٺائي جو هڪ قسم- نُختي.
ٻُونڊِ: ث. ڏُنڊي (جنهن ۾ ميوو لٽڪيل رهي).
ٻوٽَسُ: (انگ) پگهار کان وڌيڪ مليل عطيو يا بخشش.
ٻوهي چَڪا، ٻوهي مَڪُ: ذ. هڪ قسم جي پوک ۽
ان جو ٻج (تيلي ٻج)- سنڌي ڪاڇا.
ٻُوءِ: ث (ف. بُو) واسُ- هَڳاءُ. خوشبوءِ- سُرهاڻ.
ٻِهَ: ذ. "پَٻڻ" جون سوراخدار ڏگهيون پاڙون (ياجي
طور ڪم اچن).
ٻَهُ: ذ. ڪڻڪ جي ڳاهيل ناڙي جو پُرڪٽ (جيڪو
مال جي چاري وغيره طور ڪم اچي).
ٻَها: ث (ف) ملهه- قيمت.

بَها بَرڪت: ث. اگهہ جو استحڪام ۽ نفعو. فائدو.
بَهادُرُ: ص (ف) پهلوان- سورهيہ.
بَهادُري: ث. پهلواني- سورهيائي.
بَهارَ: ث (ف) بسنت رُت. وڻن ۽ گلن ٻوٽن جي ڦوٽهڙي جي مند.
بَهارِي: ث. خوشي. موج. فرحت- آنند. رونق.
بهاري قراري: ث. سڪ آنند. خوشي ۽ چڱيلائي.
بَهارِجَڻُ: م. بهاريءَ ۾ اچڻ. موج ۾ اچڻ. سرسبز ٿيڻ. گُل ڦل ٿيڻ.
بَهانو: ذ (ف. بهانه) عُذرَ- مِهڻُ. سبب. حيلو..
بَهانِي باز: ص. ڪوڙا عذر ڏيندڙ. ٺٺائو. ڍونگي.
بَهبُودِ. بهبودي: ث (ف) ڀلائي- خيرخواهي- بهتري- سڌارو.
بُهتانُ. بُهتانو: ذ (ع) الزام- تهمت.
بُهتان تراشي: ث. الزام هڻڻ- تهمتون هڻڻ.
بِهتَر: ص (ف) وڌيڪ چڱو- تمام سٺو.
بِهتَرِي: ث. ڀلائي- چڱائي. فائدو.
بَهرَحال. بهَرَ صُورت: ظ. ڪنهن بہ طرح- جيئن بہ ٿي سگهي. ڪيئن بہ ڪري- ڪنهن بہ نموني.
بَهرو: ذ (ف. بَهرَه) حصو- ڀاڱو. فائدو.
بَهرو وٺڻ: حصو وٺڻ- ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ.
بُهرو: ذ. زمين دوز ڪوٺي- تهخانو.
بِهشتُ: ذ (ف) جنت- سرگ. فرحتي جاءِ. عيش آرام جي جاءِ.
بهشت ۾ خچر: صلح ۾ وِگوڙ. امن ۾ فساد.
بِهشتِي: ص. جنتي. بهشت جي لائق. ڀخالي.
بَهڪَ: ث. ڀڙڪ- باهوڙ (ڪُتي جي).
بَهڪَڻُ: م. ڀڙڪڻُ- ٻَهڻُ.
بَهَم: ظ (ف) پاڻ- گڏ- ساڻ.

ٻَهڻُ: م. ڀڙڪڻ- باهڙ ڪرڻ. ٻَڪڻ. وڪڻ.
ٻَهڻُ: ذ. هڪ مشهور وڻ (جنهن جو ڪاٺ جنديءَ جي هنر ۾ ڪم اچي).
ٻَهُورَ: ذ. ٻُورَ- وڃارَ- ڳڻتيون.
ٻَهُور ۾ پوڻ: ڳڻتين ۾ پوڻ. گهڻي ڳالهہ ۾ پوڻ.
بِهي خواه: ص (ف) ڀلو چاهيندڙ- گهڻگهرو.
بَهِيرَ: ث (ف) لشڪر. اٿالو. سات. انبوہ. قطار.
بَهِيمِيه: ذ (ع) مرون- حيوان.
ٻَئِنسَرَ. ٻَينسَرَ: ث. تَڪَ جو هڪ ڳهُ- ٺَٽَ.
بي: ظ (ف) سواءِ- ڌاران- بغير. انڪاري معني ڏيکاريندڙ صفاتي اڳياڙي (بي ادب، بي عقل وغيره).
بي آبُ: ص. سُڪل- خشڪ. بي مانو- بي عزت.
بي آبرُو: ص. بي مانو- بي عزت.
بي آرامُ: ص. بيقرار- بيچين. جنهن کي ننڊ نہ اچي.
بي آرامي: ث. بيقراري. آنڌمانڌ- لوچ پوچ.
بي اِتِفاقي: ث. ناسازي- اڻبڻت.
بي اثرَ: ص. اثر کان سواءِ- بيفائدو.
بي اِختيارُ: ص. بيوس- مجبور.
بي اَدَبُ: ص. ٻئي جي عزت احترام نہ ڪندڙ.
بي اِعتِبار: ص. بي ڀروسي- غيرمعتبر. بي ويساهہ. ڪُپتيو- خيانتي.
بي اِعتِدالي: ث. بي راهہ روي. اصول يا قاعدي کان بيپرواهي.
بي اِعتِقاد: ص. ڪنهن بہ معاملي ۾ ويساهہ نہ رکندڙ- بي ويساهو.
بي اِعتِمادي: ث. بي اعتباري- بي ويساهي.
بي اِعتِنائِي: ث. بي ڌياني- لاغرضي.
بي اَنت: ظ. بي انتها. آٿاهہ- اونهو. تمام گهڻو.
بي اِنتِها: ظ. بي انت- تمام گهڻو.

بي آنداز؛ ظ. اڻ ڳڻيو- بيشمار.
بي انصافي؛ ث. آنياء- ناحق. ظلم- انڌير.
بي اولادي؛ ص. اولاد کان سواءِ- جنهن کي اولاد نہ هجي.
بي اونو؛ ص. بي فڪر. بنا ڪٿڪي.
بي اِيمان؛ ص. بي اعتبار- ڪپٽيو. دغاباز. بزدل.
بي اِيماني؛ ث. ڪپٽ. دغابازي- ٺڳي. خيانت.
بي بدل؛ ظ. جنهن جو مَٽ نہ هجي- لاثاني.
بي بَقا؛ ظ. جنهن کي دوام نہ هجي- غيرمستحڪم. فاني- ناپائدار.
بي بَندوبَستي؛ ث. بي انتظامي- بي ترتيبي.
بي بُنياد؛ ص. جنهن جو بڻ بنياد نہ هجي. بداصل. بي حقيقت. افواهي (ڳالهہ).
بي بَها؛ ص. جنهن جي قيمت ڪٿي نہ سگهجي- املهہ.
بي بَهرَه؛ ص. بي نصيب. محروم.
بي تارو، بي تالو؛ ص. جيڪو سُر تار تي پورو نہ هجي.
بي تحاشا؛ ظ. بي اختيار- بيڌڙڪ- بنا ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي.
بي تَرتِيب؛ ص. پوريءَ سٽاءَ ۾ نہ. تنظيم کان سواءِ.
بي تعلقّ؛ ص. سواءِ ڪنهن لڳ لاڳاپي جي. غيرواسطيدار. آزاد.
بي تقصير؛ ظ. ڏوهہ کان سواءِ- بيگناهہ- بي ڏوهي.
بي تَڪَلّف؛ ظ. بي حجاب- بنا ڪنهن هٻڪ جي.
بي تُڪو؛ ص. ناموزون- اڻ ٺهندڙ- فضول.
بي توجه؛ ظ. بي ڌيان- بي خيال- لاپرواهہ.
بي تَوفِيق؛ ظ. بي طاقت. بي زور. بي ٻهڄ. بيوس.
بي ثَمرَ؛ ص. جنهن کي سفر جو سامان ساڻ نہ هجي. هٿين خالي.
بي ثَمرِي؛ ث. بي سروساماني- تنگدستي.
بي ثَباتِي؛ ث. ناپائداري- فنا.
بي پاڙو؛ ص. بي بنياد. جنهن جو ڪو خاندان يا ٺڪالو نہ هجي. (ث. بي پاڙي).
بي پايان؛ ظ. جنهن جو ڇيهہ نہ هجي- بي انت.
بي پِتو؛ ص. جنهن تي ڪنهن بہ ڳالهہ جو اثر نہ ٿئي. ٿَود. بيشرم. (ث. بي پِتي).
بي پَردَه؛ ص. بنا پڙدي. مُنهن اگهاڙي. ظاهر- کُليل.
بي پِيرُ، بي پِيرو؛ ص. جنهن جو گُر پير نہ هجي. بي لحاظ- بي مروت.
بي جسَو؛ ص. بي سوڀيو. جنهن جي ڪوشش ۾ ڪاميابي نہ هجي.
بي جِگرِي؛ ث. بي ڊپائي. سورهيائي.
بي جوڙُ؛ ص. اڻ ٺهندڙ- ناموزون. ناخوش- بيمار.
بي جوکو؛ ص. خوف خطري کان سواءِ. بي ڊپو.
بيچوُن و چرا؛ ظ. ڪچڻ پچڻ کان سواءِ.
بي چَيو؛ ص. چيو نہ مڃيندڙ- نافرمان.
بي حِجاب؛ ص. بنا پردي جي. بيحيا. حجائتو.
بي حِسّ؛ ص. جيڪو محسوس نہ ڪري سگهي. اٿاسو.
بي حِسابُ؛ ص. ليکي کان ٻاهر. بي انداز.
بي حُرمَتِي؛ ث. بي عزتي.
بي حقِيقَت؛ ص. بي بنياد. حقير.
بي دست و پا؛ ظ. عاجز. بيوس- بي ٻهڄ.
بي دعوت؛ ظ. دعوت کان سواءِ- بنا دعوت جي- اڻ ڪوٺيو.
بي ذَوقُ؛ ص. سهڻي شوق کان پري- حُسن جي چاهہ کان خالي.

بي رَبطُ: ص. مناسب ڳانڍاپي يا ترتيب کان سواءِ- بي ترتيب.
بي رونقُ: ص. رونق کان سواءِ. بدزيبو.
بي زيبُ: ص. سونهن سينگار کان سواءِ- ڪوجهو.
بي ساختہَ: ظ. کُليو. صاف دليءَ سان. اُتي جو اُتي- يڪدم. بنا اِرادي.
بي سَروپا: ظ. جنهن جو اُنڍ ٻُنڍ نہ هجي. بي ترتيب.
بي سَروساماني: ث. سُڃائي. ڪجهہ بہ نہ. سامان وغيره نہ هئڻ جي حالت.
بي شَعور: ظ. بي حس. بي سمجهہ.
بي غم: ص. جنهن کي ڪا اُڪُنڊي نہ هجي. بيفڪر.
بي فَيضُ: ص. جنهن مان ڪو فائدو نہ رسي.
بي قابُو: ظ. اڻ جهل. ڇڙواڳ.
بي قانوني: ث. قانون جي ابتڙ عمل- بي قاعدگي.
بي لذت: ص. مزي ۽ سواد کان سواءِ. بي سواد.
بي لُطف: ص. بي مزي. بي لذت. بي سواد.
بي لغام: ص. لغام کان سواءِ (گهوڙو). ڇڙواڳ. گستاخ. سرڪش.
بي مايَہ: ص. ڪنگال- محتاج. بي علم.
بي مَحل: ظ. بي موقعي- بيجاءِ- بيوقت.
بي مَطلب: ص. فضول- اجايو. بنا ڪنهن مقصد جي. (عمل يا ڳالهہ).
بي موسم: ص. موسم کان سواءِ. موسم کان اڳ يا پوءِ. بيوقت.
بي موقعي: ظ. بيوقت. نامناسب- غيرموزون.
بي مِهر: ص. جنهن کي مِهر يا ٻاجهہ نہ پوي. بي قياس.
بي نام و نِشان: ص. گمنام.
بي نصيب: ص. نياڳو- ڇنڊو. محروم.
بي نَصيبي: ص. بدبختي- ندوراڻي.
بي نَنگو: ص. جنهن کي شرم حيا نہ هجي. نِرجو.
بي نَنگو: ص. ننگ ناموس جي پرواهہ نہ ڪندڙ. بي وڙو. بي لحاظ. راڄ برادري ۾ پير نہ پريندڙ.
بي نُور: ص. روشني کان سواءِ- اونداهو. نابين.
بي نياز: ص. محتاجي کان آجو. بيپرواهہ.
بي وجہ: ظ. بنا ڪنهن سبب جي. خواهہ مخواهہ.
بي وَڙو: ص. بي محابو. بي لحاظ. بي مروت. بي ننگو. ڳڻ چور.
بي هَٿيار: ص. هٿين خالي- غير مسلحَ. بي ڀهچ.
بَيابانُ: ذ (ف) برپٽ- رڻ- صحرا. ويراني- سڃ.
بَياضُ: ذ (ع) اڇو ڪتاب يا دفتر. خاص نُڪتن، مسئلن يا شعرن جو قلمي ڪتاب.
بَيانُ: ذ (ع) ذڪر- احوال. ڪلام. ڳالهہ جو اظهار. شاهدي- زباني.
بيباقُ: ظ (ف) بقايا کان سواءِ. چُڪتو. صاف (حساب ڪتاب).
بيباڪُ: ص (ف) بيڊپو- بيخوف.
بيباڪي: ث. بي ڊپائي- بيخوفي.
بيبِجَڻُ: م. وڦلڻ. ٻڪ ڪرڻ. ڇتو ٿيڻ.
بِيبي: ث (ف) عورت- زال. خاتون- صاحبہ. بيگم- سائڻ. گهرواري. سيدياڻي.
بَيتُ: ذ (ع) شعر. ٻن مصرعن وارو شعر. سنڌي شعر جي هڪ صنف. گهر- جاءِ.
بَيتُ الله: ذ. الله جو گهر- مسجد. ڪعبو.
بَيتُ الحرام: ذ. وڏي حُرمت وارو گهر- ڪعبو.
بَيتُ الخلاء: ذ. خلوت جو گهر. ڪاڪوس.
بَيتُ المالُ: ذ. اسلامي حڪومت جو قومي خزانو.
بَيتُ المَقدَس: ذ. پاڪائي جو گهر- مسجد اقصيٰ.

بَيت بازي: ث. شعر پُڇائڻ جي چٽاڀيٽي.
بيتابُ: ص (ف) بي آرام– وياڪل. پريشان.
بيتابي: ث. بيچيني– بيقراري. گهٻراهٽ.
بيتالو: ص. جيڪو سُرتار تي پورو نہ هجي. آواره– رولُو. (ث. بيتالي).
بَيٽ: ث. سَندرو– ڪمر پٽو.
بيٽ ٻڌڻ: سندرو ٻڌڻ. تيار ٿيڻ. همت ٻڌڻ.
بَيٺڪَ: ث. ويهڪ– نشست. ويهڻ جو هڪ نمونو– ڏنڊ. ڪچهري. نوآبادي.
بَيٺڪي راڄُ: ذ. نوآبادي واري حڪومت– نيم آزاد حڪومت.
بيڏَلُ: ص. اُٿيل– ڪڙو. قائم. اڻ وهندڙ (پاڻي). اثر رسوخ وارو. سگهيو.
بيڻي پير: ظ. ويهڻ يا ترسڻ کان سواءِ. تڙي ڪڙي– جهٽ پٽ.
بيپاڙي: ث. هڪ قسم جي ول (جنهن کي پاڙ ڪانہ ٿئي، وڻ کي ويڙهي سُڪائي ڇڏي)– وڻ ويڙهي.
بيپَرواه: ص (ف) جنهن کي ڪا غرض يا ڪاڻ نہ هجي– لاغرض. بيَ ڌيانو. بي ڊپو.
بيپرواهي: ث. لاغرضي. بيخيالي. بيڌياني.
بيجا: ظ (ف) غيرواجبي– نامناسب. فضول= اجايو.
بيجان: ظ (ف) جنهن ۾ ساهہ نہ هجي. مئل. ڪمزور. ساڻو.
بيچاقُ: ص (ف) بيمار– سڪالو.
بيچُون: ص (ف) بيمثل– اَمث– لاثاني. (ذ) خداتعاليٰ جي هڪ صفت.
بيچَينُ: ذ (ف) بي آرام– بيقرار– وياڪُل.
بيحالُ: ص (ف) لاچار– ساڻو. ڏتڙيل. اگهو. پريشان.
بيحَيا، بيحَياء: ص (ف) بيشرم. اکين ٻوٽ. بيمروت. ڪمينو.
بيحَيائي: ث. بيشرمي. ڪميڻپ.
بيخ: ث (ف) پاڙ– جڙ. پيڙهہ. بنياد. ٻج– تخم.
بيخ ڪڍڻ: پاڙ پٽڻ. تڪائڻ. ڪک ڪرڻ.
بيخ ڪَني: ث. پاڙ پٽڻ. بربادي– تباهي.
بيخَبر: ص (ف) جنهن کي ڪا خبر نہ هجي– اڻ ڄاڻ– غيرواقف. غافل.
بيخَبري: ث. اڻڄاڻائي. لاعلمي. غفلت.
بيخَطا: ص (ف) بيڏوهہ– بيگناه. (ظ) اڻ گُس– هڪ ٽڪ.
بيخَطر، بيخطري: ظ (ف) بيڊپو. بناخوف– بناڊپ. ڪنهن ڊپ ڊاءُ کانسواءِ. امن سان.
بيخواب: ص (ف) جاڳيل– سجاڳ. بي آرام.
بيخوابي: ث. سجاڳي– بيداري. ننڊ نہ اچڻ جي حالت– بي آرامي.
بيخُود: ص (ف) پنهنجو پاڻ وساريندڙ. آپي کان ٻاهر. بيهوش. مستُ.
بيخودي: ث. وجد جي حالت (جنهن ۾ پنهنجي متعلق ڪا خبر نہ رهي). بيهوشي. خمار. مستي.
بيخَوفُ: ص (ف) بي ڊپو– نہ ڊڄندڙ. دلير.
بيخيال: ص (ف) بي اونو. بيڌيان. لاغرض.
بيخيالي: ث. بي ڌياني. لاپرواهي.
بيداد: ذ (ف) بي انصافي– اَنياءُ– انڌير– ظلم.
بيدادي: ث. بي انصافي. ڏاڍُ– ظلم.
بيدار: ص (ف) جاڳيل (ننڊ مان). سجاڳ. خبردار.
بيدار مَغز: ص. کليل دماغ وارو. سمجهو– فهيم.
بيداري: ث. سجاڳي. سُچيتائي.
بيدائو: ص (ف) داڻن کان سواءِ. ٻج کان سواءِ (ڏاڙهون، زيتون وغيره).

بيدَخل: ص (ف) ڪـدي ڇڏيل. نيڪالي مليل. برطرف.
بيدخلي: ث. نيڪالي. برطرفي.
بيدَرد: ص (ف) جنهن کي ڏک سور جو احساس نہ هجي. بي قياس. سنگدل. بيرحم.
بيدردِي: ث. بيرحمي. سنگدلي.
بيدَريغ: ظ (ف) سوچڻ سمجهڻ کان سواءِ. بنا دير. بنا روڪ جي.
بيدِل: ص (ف) ناراض. مايوس. اُداس. دل شڪستہ.
بيدلي: ث. دلگيري. غمگيني. دل شڪستگي.
بيدليو: ص. بيدل. دل يا چاھہ سان ڪم نہ ڪندڙ. پڳيءَ دل وارو.
بيدم: ص (ف) بنا ساھہ- بيجان. ٿڪل- ماندو.
بيدي: ث. بيداد- انياءِ. ظلم.
بيدَڙڪ: ظ. بنا ڊپ- بيخوف. اُمالڪ- ٺهہ پهہ. بي حجاب.
بيڌيان: ص. بيخيال. لاغرض. بيپرواھہ.
بيڏوھ، بيڏوهي: ص. بيقصور- بيگناھہ.
بيڊولُ: ص. اڻ گهڙيل. ناموزون. اڏاوت ڦريل.
بيڍَنگ: ص. اڍنگو. بدافعالو. ناموزون.
بِيرُ: ذ (ع. بِئر) کُوھُہ (انگ) هڪ قسم جو ڏاٿو- پالتو لوھہ. جَون مان ٺهيل شراب.
بيراضِي: ص (ف) ناراض. آرهو. ناخوش.
بيراڳُ: ذ (سن. ويراگيہ) دنيا جو ترڪ- دنيا کان بيزاري- تياڳ- ويراڳ. وڇوڙو- فراق.
بيراڳِڻِ: ث.T نموني واري ڪاٺي جنهن تي بيراڳي فقير پيشاني ۽ ٻانهون رکي ڌيان ۾ ويهن.
بيراڳِي: ص. ويراڳي- تارڪ.
بَيرانُ: ص (ف. ويران) ويران- سڃ- غيرآباد- اُجاڙ.
بيراهہ: ص (ف) آواٽَ- ڪُواٽ. اوجهڙ. گمراھہ. راھہ کان ڀليل.
بيرحم: ص (ف) بي قياس- ظالم. سنگدل.
بيرحمي: ث. بي قياسي- سنگدلي. ظلم.
بيرُخِي: ث (ف) بي مروتي. بيپرواهي.
بَيرَمُ: ذ (ع) لوهي لٺ (جنهن سان ڳرو بار چورجي)- پارائي.
بيرَنگُ: ص (ف) جنهن ۾ ڪو بہ رنگ نہ هجي.
بيروزگارُ: ص (ف) جنهن کي ڪو ڌنڌو يا ڪم نہ هجي- بيڪار.
بيروزگاري: ث. بيڪاري.
بيرُون: ظ (ف) ٻاهر. ٻاهرئين پاسي- ٻاهران.
بيرونِي: ص. ٻاهريون. غيرملڪي.
بَيرُونِ: ص (ف. ويران) ڏُتڙيل- پريشان. بدحال.
بيرِيا، بيرِياءُ: ص (ف) انصاف يا راءِ ڏيڻ ۾ ڪنهن جو بہ لحاظ نہ رکندڙ- غيرجانبدار.
بيريائي: ث. غيرجانبداري. سچائي.
بيزار: ص (ف) ڪڪ- وِرتل. خفا. آزارده- وياڪل. دست بردار.
بيزارِي: ث. ورچ. خفو. ناراضگي. دست برداري.
بيزبان: ص (ف) گنگو- ڳالهائي نہ سگهندڙ. مائيٽو. گهٽ ڳالهائو.
بيزَر: ص (ف) جنهن وٽ پئسو ڏوڪڙ نہ هجي. هٿين خالي- سکڻو.
بيزورُ: ص (ف) نِبل- بي همت. بي ڀچ. هيڻو.
بي ساجاھہُ: ص. بي شناس. بيمروت. اکين پور. بيشرم.
بي ساجاهِي: ث. بيحيائي- بيشرمي. بيمروتي.
بي سَبَبُ: ظ (ف) ڪنهن سبب کان سواءِ. اجايو-

هريرو. ناحق.

بي سُڌ: ظ. بيخبر. بيهوش.

بي سُرتِ: ظ. بي سُڌ- بيهوش.

بي سُرو: ص. سُرتار جو ڪَچو. بيتالو.

بي سڪو: ص. بي آرام. اگهو- بيدار.

بي سمجهه: ص. اڻوجهه- اڻڄاڻ. ٻار.

بيسَڻُ: ذ. چڻن جو پيٺل اٽو.

بي سَوادُ: ص. بي لذت. بي ذائقي. ڦِڪو.

بي سوڀو: ص. جنهن کي فتح حاصل نه ٿئي. ناڪامياب.

بيسُود: ص (ف) جنهن مان ڪو فائدو نه ٿئي. بي نتيجي. اجايو- فضول.

بيشِ: ظ (ف. بيش) گهڻو- زياده.

بيش بَها: ص. وڏي اگهه وارو- قيمتي.

بيشتَر: ظ. تمام گهڻو.

بي شُبهه: ظ (ف) بنا شڪ شبهي. پڪ سان.

بي شرم: ص (ف) بيحيا- نر لڄو.

بيشرمائي: ث. بيحيائي- نر لڄائي.

بيشَڪُ: ظ (ف) بنا شڪ جي. پڪ- يقيناً.

بي شُڪر: ص (ف) نعمت کان انڪاري. سڀ ڪجهه هوندي به شاڪي. ڳُڻ چور.

بي شُڪري: ث. هوندي سوندي شڪايت ڪرڻ- ڪفران نعمت.

بيشمار: ظ (ف) ڳڻڻ کان ٻاهر- اڻڳڻيو- بي انداز.

بي صَبرُ: ص (ف) جنهن کي ڌيرج نه هجي. بي آرام. بيقرار- بيچين.

بي صَبْري: ث. بي آرامي. بيقراري.

بيضو: ذ (ع. بيضه) آنو (پکي يا جانور جو).

بيضوي: ص. آني وانگر گول.

بي طاقت: ص (ف) هيڻو- اٻل. ڪمزور.

بي طالعُ: ص (ف) نڀاڳو- ڇنڊو- بدبخت.

بي طمع: ص (ف) جنهن کي ڪا لالچ نه هجي.

بَيع: ث (ع) وڪرو- فروخت.

بَيع نامو: ذ. وڪري جي قبوليت جو دستاويز يا ڪاغذ.

بي عادتو: ص (ف) بي لڇڻو- بي افعالو.

بَيعانو: ذ (ع. بيع+ ف. آنه) سودي ۾ اڳواٽ ڏنل رقم- سُوٽي- بيانو.

بَيعَت: ث (ع) تابعداري جو اقرار. اطاعت.

بيعت ڪرڻ: ڪنهن کي پنهنجو هادي يا اڳواڻ تسليم ڪرڻ لاءِ ان جي هٿ تي هٿ رکي تابعداري جو اقرار ڪرڻ.

بي عدد: ظ (ف) ڳاڻيٽي کان ٻاهر- بيشمار.

بيعزّت: ص (ف) بي آبرو. بدنام- رسوا.

بيعِزتي: ث. بي آبروئي. توهين. رسوائي- خواري.

بي عَقل: ص (ف) بي سمجهه- بيوقوف- مورک- نادان- اڻڄاڻ.

بي عَقلِي: ث. بي سمجهي- ناداني- بيوقوفي.

بي عِلمُ: ص (ف) اڻ پڙهيل. جاهل. بيخبر- اڻڄاڻ.

بي عِلمِي: ث. اڻڄاڻائي- بيخبري. جهالت.

بي عَيب: ص (ف) جنهن ۾ ڪا به وڏ نه هجي.

بي غرض: ص (ف) بي طمع. بيپرواهه.

بي غرضي: ث. لاطمعي. بيپرواهي.

بي غَيرتَ: ص (ف) بي لڄو- بي شرم. بي عزت.

بي غيرتي: ث. بي شرمي. بيعزتي.

بيفائدو، بيفائدي: ظ (ف) بيسود- اجايو. خواهه مخواه.

بي فرمانُ: ص (ف) نافرمان- بي چيو.

بي فرماني: ث. نافرماني- بي چيائي.
بيفڪرُ: ص (ف) بنا ڳڻتي. بيپرواهي.
بيفڪري: ث. بنا ڪنڪي يا ڳڻتي واري حالت.
بي قاعدگي: ث (ف) قاعدي يا دستور جي خلاف. بدانتظامي. بي اصولي.
بي قاعدي: ظ (ف) قانون جي خلاف. اصول جي خلاف. بي ترتيب. غلط طريقي سان.
بيقدرُ: ص. (ف) جيڪو قدر نه سڃاڻي. ناشناس. پورو معاوضو نه ڏيندڙ.
بيقدري: ث. قدر نه سڃاڻڻ جي حالت. ناشناسي. بي انصافي.
بيقرار: ص (ف) بي آرام- بيچين- بيتاب. بي سڪ.
بيقراري: ث. بي آرامي- بيچيني. پريشاني. لوچ پوچ- آنڌ مانڌ.
بيقرُبو: ص (ف) جنهن ۾ قرب نه هجي. رک مُهون. شوخ طبع.
بيقرينو: ظ (ف) بي ترتيب.
بيقصُور: ص (ف) بيڏوھ- بيگناھ.
بي قياسُ: ص (ف) بيرحم- سنگدل.
بي قياسي: ث. بيرحمي- سنگدلي.
بيڪار: ث (ف) ڪم ڪار نه هئڻ جي حالت- نڪمائي. بيروزگاري.
بيڪارُ: ص (ف) بي ڪمو- نڪمو. ردي- خراب. نڪمٽو- واندو. بيروزگار. اجايو- فضول.
بيڪاري: ث. ڏسو "بيڪار". بيروزگاري.
بيڪران: ظ (ف) جنهن جو ڪنارو نه هجي- لاحد.
بيڪڙمو: ص. جنهن جو ڪڙم قبيلو نه هجي- بي آڪاهيو.
بيڪس: ص (ف) بي يار مددگار. بي وسيلو. نڌڻڪو.
بيڪسي: ث. نڌڻڪائي. بي وسيلائي.
بي ڪفن: ص (ف) جنهن کي ڪفن نصيب نه ٿئي.
بي ڪفنو ٿي مرڻ: نهايت مسڪيني يا بيوسي جي حالت ۾ مرڻ. گهر تڙ کان پري رُلي مرڻ.
بي ڪمو: ص. بيڪار. نڪمو. ڪنهن نه ڪم جو- اجايو. بيفائدو.
بيکَ: ث (ف. بيخ) پاڙ- جڙ. بنياد.
بيک ڪڍڻ: رلائي مارڻ. ٿڪائي ڪک ڪرڻ. گهڻو ٿڪائڻ. جڙھ ڪڍڻ.
بيکُ: ذ (سن. ويش) ويسُ- لباس. بهروپ. چمڙاپوش. فقيرائو لباس. ڏيکُ. ڍونگ- مڪر.
بيکُ ڪرڻ: ڍونگ ڪرڻ- مڪر ڪرڻ.
ڀيکَ: ث (سن. ڀِڪش) ڀکيا- خيرات. گداگري.
بي ڪُنڪي: ظ (ف) بنا انديشي جي- بنا ڊپ جي.
بيگ: ذ (ت) مغل قوم ۾ معزز خطاب- امير. نواب.
بَيگَ: ث (انگ) چمڙي جي پيٽي.
بيگارُ، بيگر: ث (ف) زوري بنا اجوري ورتل ڪم (جا حڪومت جي طرفان ورتي وڃي).
بيگانگي: ث (ف) ڌاريائي- اجنبيت.
بيگانو: ص (ف. بيگانه) ڌاريو- اوپرو- اجنبي. نڌڻڪو. بي گهر. پرديسي.
بيگاه: ظ (ف) ڪُمهلو- اويلو. بي وقتو.
بي گُرو: ص. جنهن جو ڪو گُر پير نه هجي. ڪنهن کي ڀ نه مڃيندڙ. خود خيال. هوڏي- ضدي.
بيگم: ث (ف) "بيگ" جو مونث. اميرياڻي. خاتون.
بيگمان: ظ (ف) بنا شڪ شبهي- پَڪ- يقيني.
بيگناھ: ص (ف) بيڏوھ- بيقصور. (ظ) هرو ڀرو- حقون ناحق.

بي گُنو: ص. گُڻ چوڻ احسان فراموش. بي هنر.

بي گوندرائي: ث. بي غمي. بيفڪري.

بي گوندرو: ص. بيغم- بيفڪر.

بي گهرُ: ص. جنهن کي گهر گهاٽ نه هجي. بي آجهي. رولاڪ. دربدر.

بيلَ: ث (ف) وڏي ڪوڏر.

بيلدار: ص. ڪوڏاريو. واهن ۽ رستن تي مٽي وجهندڙ ملازم.

بيلُ: ذ (انگ) گهنڊ. ضامن.

بَيلُ: ذ. ڍڳو- ڏاند.

بيل گاڏي: ث. ڍڳي گاڏي- ڏاند گاڏي.

بي لَجائي: ث. بيشرمي- بيحيائي. بيمروتي.

بي لَجو: ص. بيشرم- بيحيا.

بيلچو: (ف. بيلچه) مٽي وغيره ڍوئڻ لاءِ تمام وڏو لوهي چمچو.

بي لَچَڻُ: ص. بي افعال. بدفضيلت.

بي لِحاظ: ص (ف) بي مروت. گستاخ. بيحيا. رک منهون. اکين پور.

بي لحاظائي: ث. بيمروتي. ناشناسي.

بَيلفُ: ذ (انگ) سول ڪورٽ جو هڪ ملازم (جيڪو ترين کي سمن وغيره پهچائي).

بيمارُ: ص (ف) مريض- اگهو.

بيماري: ث. اگهائي- ناچاقائي. مرض.

بي مانو: ص (ف) بيعزت- بي آبرو.

بيمثال، بيمثل: ص (ف) لاثاني- بينظير- آتور.

بي مُحابو: ص (ف) بي لحاظ- بيمروت- اکين پور.

بيمُرَوت: ص (ف) بي لحاظ- بي ديد- اکين ڍڪ.

بيمَزي: ظ (ف) اگهو- بيمار. بي سواد.

بي معني: ص (ف) بي مقصد. اجايو- فضول.

بَيچَ: ظ (ع) وچ ۾- درميان.

بين الاقوامي: قومن جي وچ ۾.

بِينَ: ث (سن. ويڻا) تندن وارو هڪ ساز (تانپوري جهڙو، پر ان ۾ پر تُنبا ٿين): ڦوڪ سان وڄائڻ جو هڪ ساز (نندڙي سانداري، جيڪا ڪڇ ۾ جهلي، هوا ڦوڪي وڄائجي). بنسري. الغوزو.

بينائي: ث (ف) نظر- بصارت- ديد.

بينچ: ث (انگ) هڪ ڪان وڌيڪ ماڻهن جي ويهڻ لاءِ خاص قسم جو تختو.

بَينڊَ: ث (انگ) ولايتي سازَ. ولايتي سازن وڄائڻ وارن جي ٽولي.

بَينسَر: ث. نڪ جو هڪ ڳهه- نٿ.

بَينَسري بُولو: ذ. جهانجهر سان بُولو.

بي نَظير: ص (ف) بيمثال- لاجواب- آتور. اَملهه.

بَينڪَ: ث (انگ) ڏراوت- امانتي رقم. پئسن جي ڏيتي ليتي ڪندڙ ادارو.

بَينو: ذ. ٽراڙ- پيشاني. ڳهه جو هڪ قسم- ٽڪڙو.

بينَوا: ص (ف) بِنَّ سامان- بي ثمر. سُڃو- سکڻو. غريب. بيڪس.

بيني: ث (ف) نڪ. نَڪ جي ڦُلي.

بيواه: ص (ف) جنهن جو ڪو واهه وسيلو نه هجي- بيوس- لاچار. ڏتڙيل. رن زال.

بيوَس: ص. جنهن جو اختيار نه هلي- لاچار- مجبور. بي همت.

بيوَسِي: ث. لاچاري- مجبوري.

بيوَطن: ص (ف) جنهن جو ڪو وطن نه هجي- جلاوطن. پرديسي. سدا مسافر.

بيوَطني: ث. جلاوطني. ڏولاڻو.

بيوَفا: ص (ف) وفا نه ڪندڙ. نباهه نه ڪندڙ.

بيوفائي: ث. انجام جي اڻ پورائي- وعده فراموشي.
بيوَقت، بيوقتو: ظ (ف) ڪُمهلو- اويلو، اوچتو. مقرر وقت کان اڳ يا پوءِ.
بيوَقُوف: ص (ف) بي عقل- احمق- مورک، اڄوجهه.
بيوقُوفِي: ث. ناداني- حماقت- مورکائي.
بيُون: ث. ٻُويون، سُرهيون ٻُڙيون (جيڪي سُوڙين ۾ خوشبوءِ لاءِ وجهن)- ٻُڙا.
بيويساه: ص. جنهن تي اعتبار نہ ڪجي- بي ڀروسي.
بيويساهِي: ث. بي اعتباري.
بيوَه: (ف) رن زال- وڌوا.
بِيهارَڻُ: م. اُڀو ڪرڻ- کڙو ڪرڻ. هلندڙ کي روڪڻ. ترسائڻ.
بِيهَڪَ: ث. بيهڻ جي حالت. ايستادگي- بيٺلائي. استقامت. کڙائي. اڏاوت. ٺهاوت. بيوس. ڪانئر- گيدي.
بي هِمت: ص. بي سگهه- بي زور- بي طاقت.
بي هُنر: ص (ف) ڪوبہ هنر نہ ڄاڻندڙ.
بِيهَڻُ: م. کڙو ٿيڻ- اُڀو ٿيڻ. هڪ هنڌ ٺهرڻ- ترسڻ. قائم ٿيڻ.
بِيهي وڃڻ: هڪ هنڌ کُپي وڃڻ. هڪ جاءِ تي رُوڪجي وڃڻ. هلڻ يا چُرڻ کا چُڪي وڃڻ.
بيهُودگي: ث (ف) بداخلاقي. نالائقي. واهيات پڻو.
بيهُودو: ص (ف، بيهوده) نالائق. ناشائستو. بدفضيلتو- اڏنگو. بدافعال. (ث. بيهودي).
بيهوشَ: ص (ف) غش- بي سُرت. غافل.
بيهوشِي: ث. غشي- بي سُرتائي- ٻوڏڙو.

ٻ

ٻ: ذ. اُچار "ٻي". سنڌي الف- بي جو ٽيو اکر. ابجد موجب عدد "ٻ" جي برابر (٢).
ٻہ: ص. هڪ عدد (٢)- دو.
ٻہ آکَرَ: ذ. ٿورا لفظ. ٿورو احوال. مختصر ذڪر.
ٻہ گهرَ ٻارڻ: ٻن گهرن يا ٻن ڌرين کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ.
ٻہِ: ص. ٻن وارو- ٻن سان.
ٻہ اکيائِي: ث. رياء- پاسخاطري. ٻيائي- منافقت.
ٻہِ پيرو: ص. ٻن پيرن وارو (ماڻهو). (ث. ٻہ پيري).
ٻہ مُنهون: ض. ٻن مُنهن وارو. ٻچاڙو- منافق.
ٻہِ واٽو: ذ. ٻن رستن ڦٽڻ وارو هنڌ.
ٻاٻاڻا: ذ. آباڻا.
ٻاٻُرو: ص. ٻٻر جو (ڪنډو، ڏنگهر، ڪوئلو وغيره). (ث. ٻاٻُري).
ٻاٻُري ڪَنڊِ: ث. ڪچي ٻٻر جو ڏنگهر. ٻُٽ نہ ڇڏيندڙ (ماڻهو)- مڇڏ.
ٻاٻَلُ: ذ. ابو- پيءُ.
ٻاٻو ٻُڌو: ص. بيوقوف. پرمتڙيو.مت موڙهل.
ٻاٻُورَ: ث. راز جي خبر. سُڌ.
ٻاپِيسَ: ث. پيار- قرب. سِڪَ- اُڪنڊ- اُڪير.
ٻاٻِيهَلُ، ٻاٻيهو: ذ. ڳيرو پکي. (ص) سهڻو ماڻهو.
ٻاتاڙَ: ث. مونجهہ- اُٻاڻڪائي. سِڪَ- اُڪير. ٻاڙ.
ٻاتاڙجِڻُ: م. اُداس ٿيڻ. اُڪيرجڻ.

پاتاڙو: ص. موڙهل- پريشان. اُباڻڪو- اُداس. سڪايل. (ث. پاتاڙي).

پاتائڻ: م. پاتو ڳالهائڻ- توتلائڻ.

پاتائي: ث. ڳالهائڻ ۾ هٽڪ- هَڪڙائي.

پاتو: ص. هَڪلو (ڳالهائڻ ۾)- توتلو. (ث. پاتي).

پاٿون: ث ("پاٿَ" جو جمع) ساهه گھٽي ڏنل زور (ويم يا قبضيءَ ۾).

پاٿون ڪائڻ: ڪنجهڻ ۽ زور لائڻ. سور ڪائڻ. تڪليفون سهڻ.

پاٿَ: ث. گهگهه اُونداهه.

پاٿُ: ذ. اَٽي جو چاڻ. ڪٺڪ جو ڳارو (چوپائي مال کي کارائڻ لاءِ). ڏريل اَنُ. ڏاتو جي رجڻ جو عمل. چاندي ۾ مليل مَٽُ.

پاٽلي: ث. بوتل- شيشو.

پاٽي: ث. ڪِرڙ جي پُسيءَ جي پهرين اورَ يا بُور. ونڻن جي مکڙي. سرهه يا جانيي جا ننڍڙا ڪچا گُلَ.

پاٽيپڙُ: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

پاپُ: ذ (هه. باپ) پيءُ- ابو.

پاجهہَ: ث. ڪهل- قياس- رحم. مِهر- ڪرم.

پاجهارو: ص. پاجهه وارو- دياوان. (ث. پاجهاري).

پاجهارو پولڻ: مِٺو ڳالهائڻ. مِٺيون ڳالهيون ڪرڻ. نمائائي سان ڳالهائڻ.

پاجهائڻُ: م. پاڏائڻ- التجا ڪرڻ. پاجهه ڪرڻ.

پاجهٽُ: ذ. صندلي. ننڍڙي منجي.

پاجهَرِ، پاجهري: ث. هڪ مشهور پوک ۽ اَنَ.

پاجهري پوڙڻ: سڀ ڪجهه تباهه ڪرڻ.

پاجهڻُ: م. پاجهه ڪرڻ- ديا ڪرڻ.

پاجهيندڙ: ص. پاجهه ڪندڙ- پاجهارو.

پاجهون: ظ (سرائڪي) ڪان سواءِ- ڌاران.

پاڇَ: ث. ڇيج جي پر واري آگر.

پاڇ: ث. پڇا (مکڙن وغيره جيئن جا). وڻن ٻوٽن وغيره جي ٻجن جو ٿوڻهڙو.

پاڇڪو: ذ. ننڍي ڳوڻ.

پاڇُو: آڱوٺي ۽ ڏسڻي آڱر جي چوٽين درميان مفاصلو. جڏهن اهي وڌ ۾ وڌ کوليجن.

پاڏائڻ: م. نمائائي سان نهارڻ- واجهائڻ. ليلائڻ- عاجزي ڪرڻ.

پاڏو: ص. ٽيڏو (اکين کان). (ث. پاڏي).

پارِ: ث. درياءَ يا سمنڊ ۾ پاڻي جي ڦيري وارو چڪر ۽ هيٺ ڇڪيندڙ اونهائي. اوڙاهه. سنگن جو ڏِگُ- اَنَ جي راهه.

پارُ: ذ. ٻالڪ- طفل. (ص) ابهم- معصوم. نابالغ (ڇوڪرو يا ڇوڪري). بي سمجهه.

پارَ ٻچا: ذ. اولاد- عيال. گهر جا ڀاتي.

پارالو: ص. پـارن جو. پـار جهـڙو نـادانـي وارو (ڪم).ٻارڙن جي بيماري.

پاراڻي: ث. ٻارن جهڙي. ٻارن جي.

پاراهو: ص. ٻارهين مهيني جو- سال ٻه سال. (ذ) فوتيءَ کي ٻارهين مهيني ڏياريل ختمو- ٻارهو.

پارَٽُ، پارِٽُ: ذ. مڱڻهار - منگتو. ڳائي سوال ڪندڙ منگتو.

پارَڻُ: م. باهه دکائڻ. مچائڻ (باهه). ساڙڻ- جلائڻ. روشن ڪرڻ (ڏيو، بتي وغيره). جاڳائڻ (فتنو). اُٿارڻ (جهيڙو).

پارَڻُ: ذ. ڪاٺيون ڪوئلا وغيره جي باهه پارڻ ۾ ڪم اچن. باهه- آگ.

پارڻُ، پارَڻُ: وڏي باهه پارڻ. ظلم مچائڻ. انڌير ڪرڻ.

پارو: ذ. زمين جو چورس يا مستطيل ٽڪر (جنهن کي

چوتاري ٻنو ڏنل هجي).
باروتا: ذ. ٿئين چانور ٻار جا ڪپڙا. ٿڃڻ.
باروچو: ذ. ٻروچ. ٻروچن جو.
ٻارهن: ص. ڳاڻيٽي جو عدد (١٢).
ٻارهن ماهو: ظ. ٻاراهو. سال ٻسال.
ٻارهن وڄائڻ: تمام گهڻي دير ڪرائڻ. حيران پريشان ڪرڻ.
ٻارهو: ذ. فوتي جو ٻارهين مهيني ختمو ۽ خيرات. تاس ۾ بادشاهه وارو پتو.
ٻارهوڻي: ظ. سڄو سال. سدائين.
ٻارهين پترين ٻاهر هئڻ: شهر نيڪالي يا ملڪ نيڪالي مليل هئڻ. نيات ۽ پاڻيچاري کان نڪتل هئڻ. ڪنهن به ڳالهه ۾ شريڪ نه هئڻ.
ٻاري: ث. زمين جو ننڍو چوڪنڊو ٽڪر- ٻارو. ونجهوٽي راند ۾ زمين تي ٺهيل هڪ خانو- دري. هر خيال يا ساڳيو ڪم ڪندڙ ٽولو. ريلوي مزورن جي ٽولي. بيرم- پاراڻي.
ٻاريتو: ص. اولادي- ٻچڙيوال. ٻارن وارو (گهر). (ث. ٻاريتي).
ٻاريون: ث. ونجهوٽي راند لاءِ زمين تي ٺهيل خانا- دريون.
ٻاڙ: ث. ڪنهن نشيدار شيءِ جي طلب (بيڙي، چلم، حقو وغيره). تانگهه- چِڪ.
ٻاڙائي: ث. ٻاڙاڻ. ڪوڙ- تتڪي.
ٻاڙو: ص. تڏري لوڻ وارو (پاڻي)- ڪسارو. کارو پاڻي. تورو ڦڪل (تڪر جو ٿاڻو).
ٻاڙو ٻولڻ: اڻ وڻندو ڳالهائڻ- ڪهرو ڳالهائڻ.
ٻاڙي: ث. آڱوٺي ۽ چيچ جي چوٽين جو وچ وارو ڪليل مفاصلو- ٻاچُو.

ٻاڦ: ث (سن. باشپ) اُٻ- بخار (پاڻي جو).
ٻاڦڻ: م. ٻاڦ ڏيڻ. ٻاڦ تي رڌڻ. ٻڪڻ. راز کولڻ.
ٻاڪار: ث. دانهن- ڪوڪ. رڙ. پُڪار- فرياد. ٻڪريءَ جو ٻيڪاٽ.
ٻاڪارڻ: وڏي آواز سان دانهون ڪرڻ- رڙيون ڪوڪون ڪرڻ. وڏا سڏ ڪرڻ. زور سان آهون ۽ التجا ڪرڻ. پڪارڻ- فرياد ڪرڻ.
ٻاڪر: ث. گهڻيون ٻڪريون. ٻاڪرو مال.
ٻاڪر ڪُٺو: ذ. ٻڪرين ۾ مارو (بيماري يا سَٽ ڪُٺَ جو). ٻڪرين جو ڪوس. انڌ ڌنڌ ۾ مارڪٽ.
ٻاڪرو: ص. ٻڪريءَ جو (کير، ڦر، پاڻ، گوشت).
ٻاڪرو ڦرُ: ذ. ٽپندڙ ڪڏندڙ چوڪرو. حرڪتي.
ٻاڪو: ذ. (طنزيه) وات.
ٻاڪو ڦاڙڻ: زور سان ڳالهائڻ. وڏو واڪو ڪرڻ. ڦاڍي روئڻ. دانهون ڪرڻ.
ٻاڳهي: ث. ٻڳهه پکي جي مادي. وهول (ناچ).
ٻالُ: ذ (سن. بال) ٻارُ.
ٻالاپڻ، ٻالجَتي: ذ. ننڍپڻ.
ٻالڪُ: ذ (سن. بالڪ) ننڍڙو ٻار- ابهم. ٻارُ. (ث. ٻالڪي).
ٻالڪو: ذ (سن. بالڪ) شاگرد- چيلو. پوئلڳ.
ٻالو ٻولو: ص. سادو سودو- ڀورڙو. ابوجهه. (ث. ٻالي ٻولي).
ٻاليشاهي: ذ. مسلمان شڪاري. (ث.ٻاليشاهِڻ).
ٻانُ: ذ. ضمانت طور يا عيوضي ۾ نظربند ماڻهو- اولَ.
ٻانڀ: ث. هڪ جانور- مَرَ. بدشڪل ۽ ٺلهي عورت.
ٻانڀڻُ: ذ. ٻِرهمڻ. ڪريا ڪرم ڪندڙ- ٻاڀڻ. (ث. ٻانڀڻِ ٻانڀڻياڻي).
ٻانداڻُ: ذ. لاڳاپو- تعلق. ٻَنڌڻ- ڳانڍاپو. ٻول-

انجام. هيرُ (نشي وغيره جي).

باندائي: ص. ٻول ۾ ٻدل. عادتي (نشي جو).

باندڪو: ذ. هڪ قسم جي رڳيل اوڍڻي (جنهن ۾ رنگ ڪان خالي جايون گلڪاري وانگر هجن).

باندڻي: ٿ. ننڍو باندڻو. باندڻو.

باندُ: ذ. درياء ۾ لڙهندڙ ٻنڌ (جيڪو پاڻي ۾ ڳري پورو ٿي ويو هجي). (ٿ. باندي).

باندو: ص. لنڊو- ٻج وڍيل.اپرو- ڏٻرو. ڪوڙو ۽ لچو.

بانگ: ٿ (ف. بانگ) نماز جي اذان. نر ڪڪڙ جي بانگ.

بانگ ڏيڻ: اذان ڏيڻ.

بانگو: بانگ ڏيندڙ- مؤذن. نر ڪُڪڙ. تسبيح جو وڏو ڏگهو داڻو (جيڪو ٻنهي پُڇڙن کي ملائي).

ٻانهپ: ٿ. غلامي- گولپو. خدمت. عبادت- بندگي (خدا تعاليٰ جي). تابعداري.

ٻانهن: ٿ (سن. باهه) هڪ عضوو- بازُو. آستين (ڪوٽ، چولي، پهراڻ وغيره جي). عورت- زال. سڱ- ننگ. ضمانت ۾ آيل ماڻهو- اولَ.

ٻانهن ڏيڻ: واهر ڪرڻ- مدد ڪرڻ- همراهي ڪرڻ. سڱ ڏيڻ.

ٻانهن لوڏ: ٿ. اڪڙ- سيٺ- مغروري. وڏائي.

ٻانهن مروڙ: ٿ. سيڪت- سزا. جُٽ ڦٽ. ڏاڍائي- زور زبردستي.

ٻانهون اُڀلڻ: ڪاوڙ ڏيکارڻ- اُلرون ڪرڻ.

ٻانهون ٻڌڻ: هٿ ٻڌڻ. عاجزي ڏيکارڻ.

ٻانهون ڪُنجڻ: وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ.

ٻانهن رکي: ٿ. هڪ ڳهه (ٻانهن ۾ ٻڌڻ جو).

ٻانهوٽو: ذ. هڪ ڳهه (ٻانهن ۾ ٻڌڻ جو).

ٻانهو: ذ. زرخريد ماڻهو- غلام- گولو. نوڪر. خدمتگار. (ٿ. ٻانهي).

ٻانهوڙي: ٿ. ننڍڙي ٻانهي. غلامن جي غلام. گولي.

ٻانهياري: ٿ. ٻانهيءَ واري- چوڙيلي. (ص؟) تمام سهڻي- نازنين.

ٻانهين: ٿ. ڪَرائي ڪان ٺونٺ تائين چوڙيون- چوڙ. ڪٽ جي ديگهه ۾ پاسي واري ڪاٺي- ايسَ. در جي چوڪٺ جي پاسي واري ڪاٺي. قلمي جي هڪ پاسي واري پٽ. ملاڪڙي ۾ ٻيهل هڪ پاسي وارا ماڻهو.

ٻاڻُ: ذ (سن. بان) تير- ڪانُ.

ٻاڻي: ٿ (سن. واڻي) آواز. ڪلام- سخن. ڪوتا. چوڻي. ٻول. گرو جو ٻولُ. ترمي ڪتابن جو سلوڪ.

ٻاوَنُ: ذ. ٻاونجاه عدد. پيسڪوٽ راند ۾ ٻاونجاه ٿي پتا ڪٽي وڃڻ- تيرهيو.

ٻاوَنگيرُ: ص. تمام سياڻو- وڏو چالاڪ- حرفتي.

ٻاههَ: ٿ. پيچش ۾ پيٽ مان نڪرندڙ غلاظت- ٻور.

ٻاهَر، ٻاهِر: ظ. ٻاهريون پاسو- ٻاهران. بيرون.

ٻاهر ٻڌڻ: پري ڪرڻ. قبول نه ڪرڻ.

ٻاهَرئون، ٻاهَروُ: ص. ٻاهر جو- ٻاهريون. ڌاريو.

ٻاهرئين ٿني: ظ. پري. سطحي- مٿاڇرو. بي تعلق.

ٻاهِراڙي، ٻاهِراڙي: ٿ. شهر کان ٻاهرين آبادي- مضافات.

ٻاهَروُ: ذ. هَر يا گاڏيءَ ۾ جوٽيل ڍڳن مان ٻاهرئين پاسي (ساڄي هٿ) وارو ڍڳو.

ٻاهريون، ٻاهِرين: ٿ. ملهه ۾ ساڄي پاسي واري ٽنگ ۾ ڄانئو.

ٻاهِڻُ: م. قبضيءَ يا ويم ۾ ساهه گهٽي زور ڏيڻ- ٻاٽون ڪاڍڻ.

ٻاٽڙُ: ذ. هُرلي يا نار جو ڍينگو (اوپارا، ڦرهيون، ونگ)

ٻاٽڙ ٻوڙُ: ذ. تمام گهٽو پاڻي (جو ان ۾ ڍينگو به ٻڏل

رهي).

ٻاڙي؛ ث. جوان پرٺيل عورت. زال.

ٻاٺو؛ ذ. ٽڪاڻي جو سنڀاليندڙ. ڌرمي ڪريا ڪرم ڪندڙ- پروهت.

ٻاڦو؛ ذ. ٻارن کي ڊيڄاريندڙ خيالي ڀُوت- ٻاٺو.

ٻاڻي؛ ث. ماڻي- سڪر زال.

ٻاڻيتالُ؛ ذ. گوڙ شور- هُل ٻڪيڙو. ڏانهن ڪوڪ. آزار- مصيبت.

ٻبَ؛ ص. تمام وڏو ۽ ٿُلهو (جانور). تمام ٿُلهو. ٻي ڊولو. هرڪا ٿلهي ساهواري شيء جا مَس رڙهي سگهي- آفت.

ٻَبُرُ؛ ذ. هڪ عام مشهور وڻ.

ٻَبُر کان ٻيرَ گهُرڻ؛ اڻ ٿيندڙ خواهش ڪرڻ. ناممڪن طلب ڪرڻ.

ٻتاڙُ؛ ذ. زنانو جهيڙو (جنهن ۾ تاڙين جو آواز ٻه هجي). جهيڙو- تڪرار. هُل- گوڙ.

ٻت ٻت؛ ث. ڳالهائڻ ۾ ٻاتاڻ ۽ هبڪ. بيفائدو ڳالهاءُ. سمجهه ۾ نه اچڻ جهڙو ڳالهاءُ.

ٻتڪو؛ ذ. وات ٽڪڙو ٻوربڻ ۽ پٽڻ. ٻت ٻت. بي صبري- آسڪاڻي. ٻِر ٻِر (ٻتيءَ جي).

ٻُٽُ؛ ذ. وڻيل يا ڪاٽل ٻُوٽي جو زمين تي باقي رهيل مُڇو- ٿُپ. ڪچي گاه جو ٻُوٽو. ٻُچي ڏاڙهيءَ جي ٿُپي.

ٻٽَ؛ ث. ٻِٽي چادر. ٻٽو رئو (جو گهوٽ ۽ ڪنوار کي ڍڪائين).

ٻٽُ؛ ذ. ٻن شين جو جوڙ- جوڙو- جُٽ. ٻن گڏيل آگرين جي چوڪَ. (ظ) گڏ- جوڙ ۾. ڳنڍيل- شامل- جُٽ. هم صلاح.

ٻٽَ هڻڻ؛ گڏيون هڻڻ. جوڳي جٽ ڪرڻ. بيعزتي واري سزا ڏيڻ.

ٻُٽَ؛ ث. گهُٽَ- ٻُوسٽ. مونجهه (ساهه جي). بيهوشي. ماڻائي (ڏنڌي ۾).ٻاڙيءَ جي چوڌاري پٽڪي وغيره جو ور (جنهن سان اڌ مُنهن ڍڪبو وڃي). ننڍي ٻر وارو ڪپڙو (جيڪو مڱڻهار يا حجام کي خوشي جي موقعي تي ٻڌائبو).

ٻُٽ؛ ظ. ٻِتيءَ- هرگز- اصل- ماڳهين. پڪ- بلڪل.

ٻٽاڪَ؛ ث. وڏائي واري ڳالهه- ٻَٽُ. ٻاڙ- لباڙ- لاف.

ٻٽاڪي؛ ص. ڳالهه ۾ وڏائي ڪندڙ. ڪوڙ هڻندڙ. ٻاڙي- لباڙي.

ٻٽجَڻُ؛ م. گهٽجڻ- ٻوساٽجڻ. ٻندجڻ- ٻورجڻ (نڪُ وغيره). ڦوڪ مُنجهڻ (ٻيڙي، چلم وغيره).

ٻٽريلُ؛ ذ (انگ) حاضري جو نوڪر. ٻورچي. خوشامدڙيو.

ٻَٽڪو؛ ذ. گهٽڻ ماڻهن جو ڳالهاءُ- گوڙ. ٽڙڪو.

ٻِٽڻ؛ ث. ٽوٽڻ راند ۾ ٻن ٻَرين جو داءُ (جيڪو راند ڪٽڻ جو داءُ آهي).

ٻِٽڻ مچڻ؛ ٻن پاسن کان فائدو ٿيڻ. ٻن ڌرين جي وچ ۾ مقابلو ٿيڻ. تڪرار ٿيڻ.

ٻُٽڻُ؛ م. ٻندڻ- ٻُوٽڻ. ٻوچ ڏيڻ. ٻُٽو ڪرڻ (وڻ).

ٻِٽو؛ ص. ٻيڻو. ڏُهرو- ٻه پُڙو. شامل- گڏ.

ٻُٽو؛ ص. ڪُنڍ ڪپيل- ڪُرو. ٻُسَو. (ث. ٻُٽي).

ٻَٽوان، ٻَٽوڻان؛ ذ. ڪنڊ ڏاڙهي ڪتريل وار.

ٻَٽُورُ؛ ص. ترڙو- هلڪي طبيعت وارو. وڏائي خور.

ٻَٽوڻ، ٻٽوڻ؛ ذ. پئسن رکڻ لاءِ چمڙي وغيره جو کيسو- ٻَٽُونُ.

ٻِٽي؛ ث. ٻيڻي- ڏُهري. ٻن گڏيل آگرين جي گڏي.

ٻُٽي؛ ص. ٻنا ڳهن (عورت)- ٻُسي.

ٻُٽي ٻوڪي؛ ث. زيورن جي سينگار کان ٺلهي عورت.

ٻَٽيرو؛ ذ. تتر جهڙو پکي- فصل ٻٽيرو.

ٻَٽيڪو: ذ. زالن جو گهڻو هُل. زالن جو جهيڙو.
ٻَٽيهہ: ص. ٻہ ۽ ٽيهہ عدد.
ٻَٽيهہ ڏليون: ث. بي انداز محبت– تمام گهڻو قرب.
ٻَٽيهہ ڌارون: ث. ماءُ جي ٿڃ.
ٻٽيهہ لڪڻو: ص. گهڻن سڻن لڇڻن وارو. (ث. ٻٽيهہ لڪڻي).
ٻَٽيهو: ذ عورت لاءِ ٻٽيهن پسارڪن وکرن وارو سُوانجو.
ٻِٽيهي: ث. ماڻهو جي ٻنهي ڄاڙين وارا ڏند (جيڪي ٻٽيهہ ڇيا وڃن ٿا).
ٻَڙُ: جانور جو ننڍو ڦر. هرڻي يا سوئر جو ٻچو.
ٻِپڙو: ص. ٻن پڙن يا ٽهن وارو– ٻہ ٽهو. (ذ) اُڇراٽو.
ٻِپڙي: ص. ٻن پڙن واري (ماني، اجرڪ) (ث) سِپَ.
ٻِپهرَ: ذ. سج اُڀرڻ کان پوءِ ٻہ پهر گذرڻ جو وقت– منجهند. اڌ ڏينهن.
ٻِپهرو: ذ. ٻن پهرن جي ماني ۽ آرام– مانجهاندو.
ٻِجُ: ذ (سن. وِيج) تخم. نسل– ٻِن. نطفو.
ٻج پوکڻ: فصل پوکڻ. بنياد وجهڻ– سلسلو شروع ڪرڻ (ڪنهن بہ ڪم جو).
ٻَجَهہ: ث. ٿبضي.
ٻُجهارَتَ: ث. ڳجهارت– پرولي.
ٻَجَهڻُ: م. ٻڌجڻ– بندجڻ. گرفتار ٿيڻ. اٽڪجڻ. ڦاسجڻ (علت ۾).
ٻُجهڻُ: م. پروڙڻ. سڃاڻڻ.
ٻُجهڻهارُ: ص. ڄاڻڻهار (ڌڻي تعاليٰ).
ٻَچُ: ذ. ننڍڙو ٻچو– ٻچڙ. گُڏو– مغز. ڳِپُ. گونچ.
ٻُچُ: ذ. وارن جو مُڇو. ٻُچي ڏاڙهي.
ٻچاپڙائي: ث. منافقي. لائي چائي. خوشامد.
ٻچاپڙو: ص. منافق. لائي چائي ڪندڙ– چيٽايور. خوشامدڙيو.

ٻچ ٻچ: ث. آهستي ڳالهائڻ– سُس ڦس. ڪائڻ وقت ڇڪي جو آواز.
ٻُچ ٻُچ: ث. ٻُچڪار (وهٽ يا ٻارڙي کي).
ٻچتائي: ث. ٻن خيالن جي وچ ۾ هئڻ جي حالت.
ٻَچَڙُ: ذ. ننڍو ٻار. اڻ سامايل.
ٻَچڙو: ذ. ننڍڙو ٻچو. ٻارڙو. ابهم. (ث. ٻَچڙي).
ٻَچڙوالُ، ٻَچڙيوالُ: ص. عيالي– اولادي. سگهرو.
ٻُچڪارَ، ٻُچڪَر: ث. چپن مان ٻُچ ٻُچ جو نڪتل آواز. ٻُچ ٻُچ (جانور کي سڏڻ، يا ٻار کي پاٻوهہ لاءِ).
ٻُچڪارَ ڏيڻ: پاٻوهہ ڏيڻ. ڍيان ڇڪائڻ لاءِ ٻچ ٻچ ڪري اشارو ڏيڻ.
ٻُچڪارڻ: م. ٻُچڪار ڏيڻ. لالچائڻ. ڏُٺارڻ.
ٻِچڪو: ذ. ٻچ ٻچ. گرانهہ چٻاڙڻ جو آواز– چاٻو.
ٻِچڪا ڏيڻ: ڪائڻ يا ڳالهائڻ ۾ وات کي اُبتا سُبتا ڦيرا ڏيڻ– چاٻا ڏيڻ.
ٻَچو: ذ (ف. بَچہ) ڪنهن بہ ساهواري جو ٻچڙو. ڦرُ (جانور جو). ٻارُ– ٻالڪ. گوشو– انگور (وڻ جو). ڪَرائي وارو سَنڌ.
ٻَچا پيهہَ: ث. ماڻهن يا گهوڙن جو ڳاهٽ (جنهن ۾ ٻچا ڇيڄي وڃن). ظلم– ڏاڍ.
ٻَچي: ث. سٽڻ جي وچ ۾ پيل ٽڪندو يا چوڪندو ڪپڙي ٽُڪر.
ٻَچي ڦريل: ص. بي انسالو. بيوقوف. ڇٽ.
ٻُچي: ث. فقط ڪاڏيءَ واري حصي جي ڏاڙهي. (ص) ٻُچي ڏاڙهي وارو.
ٻِچَلَ: ث. ٻن وهڪرن يا ٻن وڏين لهرين جي گڏجڻ واري اُڇَلَ.
ٻِدليو: ص. ٻن خيالن وارو– ٻہ چِتو. ٻُڌ تر ۾.
ٻَڌِ: ث. ٻڌڻ جو عمل. ٻَڌڻ جو نمونو. ٻڌل حالت.

ٻڌڻ جو سلسلو.
ٻَڌچوڙ: ث. بار بار ٻڌڻ ۽ ڇوڙڻ جو عمل. وٺ پڪڙ.
ٻَڌ ڏيڻ: قابو ڪرڻ. بند ڪرڻ. جهلڻ- روڪڻ.
ٻَڌُ: ذ (ف. بند) ٻڌڻ جو عمل. ٻڌل حالت. جَهلَ.
ٻِڌِ: ث. ٻئي پير ملائي ڏنل ٽپ. ڇالُ. ٽپ.
ٻُڌِ، ٻُڌِي: ث. (سن. ٻُڌ) سمجهه- عقل- فهم. سُڌ.
ٻُڌوانُ: ص. سمجهو- ڏاهو- عاقل.
ٻُڌُ: ذ (سن. ٻُڌ) ٻُڌ ڌرم جو باني مهاتما گوتم. هڪ گرهه جو نالو- عطارد.
ٻَڌائڻُ: م. بند ڪرائڻ. جهلائڻ- پڪڙائڻ. قابو ڪرائڻ. نهرائڻ (ٻيڙيون).
ٻُڌائڻُ: م. سُڻائڻ. سُڌ ڏيڻ. اطلاع ڪرڻ.
ٻَڌجڻُ: م. بندجڻ. جهلجڻ. قابو ٿيڻ. جڪڙجڻ. ڄمي سخت ٿيڻ (پٽڙو مادو).
ٻُڌرُ: ذ (سن. ٻُدوار) اربعا ڏينهن.
ٻُڌِ سُڌِ: ث. سمجهه ٻُجهه. هوش حواس. سڌ سماءُ. خبرچار- واءُ سواءُ.
ٻَڌلُ: ظ. قابو ٿيل. بنديل- جهليل. گرفتار. قائل (عشق ۾). چَٽي ۾. جميل (ڏونرو وغيره). مقرر ٿيل (لاڳ، محصول وغيره).
ٻَڌڻُ: م (سن. بَنڌ) رسي يا نوڙي سان سوگهو ڪرڻ- جڪڙڻ. قابو ڪرڻ. جهلڻ- گرفتار ڪرڻ. مقرر ڪرڻ (ٽٽ). رکڻ (شرط). ناهڻ (ٻيڙيون). جوڙڻ (بيت).
ٻُڌڻُ: م (سن. ٻُڌ) سڻڻ. ڪَنُ ڏيڻ. ڌيان ڏيڻ. اونائڻ (دانهن ڪوڪ).
ٻَڌو: ظ. ٻڌل. بند (مال). سمورو- اُڪو.
ٻُڌو: ص (هه. ٻُڌو) بيوقوف- احمق.
ٻَڌي: ث. اتفاق- اتحاد- ايڪو. دوستي (ٻارائي راند ۾). ٻن جي عدد سان تقسيم ٿيڻ وارو انگ.

ٻَڌي ڇڙي: ث. ٻڌڻ ۽ ڇوڙڻ جي ڪُل اختياري. عام مختياري.
ٻِڏ: ث. هڪ قسم جو ياندي گاهه.
ٻِڏتو: ث. ڳڻتي- ويچار. ٻه چتائي.
ٻُڏلُ: ص. غرق- زيرآب. ويل رقم يا قرض (جو وصول ٿي نه سگهي).
ٻِڏندو: ص. ٻن ڏندن وارو (وهٽ)- جوان (ڍڳو). (ث. ٻِڏندي).
ٻُڏڻُ: م. غرق ٿيڻ (پاڻي ۾). بيهوش ٿيڻ.
ٻڏي وڃڻ: غرق ٿيڻ. شل ٿيڻ (پگهر ۾). شرمسار ٿيڻ. بيهوش ٿيڻ.
ٻُدايُڻُ، ٻدايو: ذ. پيري- ڪُراڙپ.
ٻُدو: ص. پوڙهو- پيرسن- ڪُراڙو. (ث. ٻُدي).
ٻَرَ: ث. ڪامَ- ساڙُ.
ٻَرُ: ذ (سن. بَلَ) ٻَلَ- زور.
ٻِرُ: ذ (سن. بِل) جيت جانور جو کوٽيل سوراخ.
ٻَرَ ٻُرَ: ث. لڱن تي سنهان وار. ڪنڌ جا وار. مٿي جا سنهان وار. گهوڙي گڏهه يا خچر جي ڪنڌ جا وار. بخمل وغيره جي سنهي ٻَڄ. لوهارن جي اصطلاح ۾ ٽتل لوهه تي پاڻي جو ڇنڊو.
ٻَرانجڻُ: م. ٽپجڻ- ٻَرجڻ.
ٻِراڙي: ث. هڪ بيماري. ناسور.
ٻِرانگَ، ٻِرانگهَه: ث. وک- قدم. وڏي وک (ٻن قدمن جي برابر).
ٻَرائڻُ: م. ٻرو ڏيڻ- تپ ڏيڻ. بيزار ڪرڻ. ٿڪائڻ (گهڻي ڪم ۾).
ٻُرائڻُ: م. وڄائڻ (ساز). ٻري وڄائڻ.
ٻَر ٻَر: ث. افسوس. هاءِ هاءِ. آنڌمانڌ- بيقراري.
ٻُرِ ٻُرِ: ث. داڻ داڻ. سنهي ٻَڄ. ڪبوتري جي ڦريءَ

تي سنها داغ.
ٻَرٽُ؛ ذ. گاهه جو هڪ قسم (ساريال پوک ۾ ٿئي).
ٻَرجَڻُ؛ م. تپجڻ.
ٻَرحالُ؛ ذ (ف. بدحال) خراب حال- بدحالي.
ٻِرڙُ؛ ذ (سن. بِل) ٻِرُ. ٻرگهل.
ٻَرڙاٽُ؛ ذ. وڏي رڙ. ٻيڪاٽ.
ٻِرَقمي؛ ث. رياضي ۾ اهو حساب جنهن جو "ايڪي" جي واٽ سان ٻن رقمن ۾ جواب نڪري.
ٻَرڪَڻُ؛ م. ٻاڪارڻ. اُٿمڻ.
ٻُرڪَڻُ؛ م. پيٺل شيءِ (مصالحو، لوڻ وغيره) چٽڪارڻ. ٻُورو چٽڻ.
ٻُرڪو؛ ذ. پيٺل شيءِ ٻُرڪڻ جو عمل. ٻُرڪڻ جو سفوف. ٻُورو.
ٻِرگهلُ؛ ذ. ٻِرڙ- وڏو سوراخ- ڳڙک. لوگهو.
ٻَرندڙ جبَلُ؛ ذ. آتشي مادي سبب چوٽيءَ مان باهه ڪيندڙ جبل- جوالامکي.
ٻَرندي؛ ث. ٻريل باهه- آگ. مشڪلات. سختي.
ٻِرَنگو؛ ص. ٻن رنگن وارو. منافق. ٻهروپي.
ٻَرَڻُ؛ م. جلڻ. ڏکڻ- دکڻ (باهه). روشن ٿيڻ (بتي وغيره). ٻکڻ- ٻهڪڻ (مُنهن). گرم ٿيڻ (بدن).
ٻَرَڻُ؛ م. جهانءِ سان وڄڻ- گونج ڪرڻ. زور سان آواز ڪرڻ يا ڳالهائڻ.
ٻَرو؛ ذ. تپ- بخار.
ٻرو ڏيڻ؛ ڏک ڏيڻ. نقصان رسائڻ. ڏاڍي مار ڏيڻ.
ٻَروچُ؛ بلوچ قوم جو فرد- بلوچ.
ٻَروچڪي؛ بروچن واري. (ث) ڏاڍمڙسي- زوراوري.
ٻرُوڻ؛ ذ. هڪ دريائي جانور- ٻُلهڻ.
ٻَرالَ، ٻَرهَلَ؛ ث. هڪ بيماري (تِلي وڌڻ جي).
ٻُري؛ ث. جوئر، ٻاجهري آنَ جا ٿُهه يا ڪلون. ٻير جي ٽارين مان ڇاڻيل ٻِن (مال جي چاري لاءِ).
ٻَڙڌُ؛ ذ. ڍِڳو- ڏاند.
ٻَڙڏڪُ؛ ذ. ڏک مُک. ٻاٿيتال- ڏمچر. گوڙ گهمسان.
ٻِڙڪَ؛ ث. ٻُڙڪو- آهستي ڳالهاءُ.
ٻَڙڪَڻُ، ٻڙهڪڻ؛ م. ٿهڪڻ.
ٻَڙڪو؛ ذ. ٿهڪو- اوٻارو.
ٻُڙو؛ ذ. ٻُوند- قطرو. ڏڌُ يا ڏوٿري ذرو (جيڪو سَنباهڻ طور وجهجي). ڪپهه يا اَنَ جو ٻَهو. عطر يا ٻپ ۾ ٻڏل ٻَهو. مٽرن جي ول جي مُٺ. منڊي يا ڪنهن ٻه ڳهه جي ٽِڪَ- ٽِڪو- ٽنگ.
ٻَڙِهه؛ ث. ماٺ- چُپ چپات. ڪوري جي مُنهن کي ڍڪڻ لاءِ ٽاڪو.
ٻَڙُهه؛ ذ. ٻانٺو- سوڙنٽو. جسم تي ٻانٺي جو نشان.
ٻُڙي؛ ث. ڦڙي- بوند. نقطو- ٽڪو. (ظ) ڪجهه نه.
ٻُڙي ڏيڻ؛ ڪجهه به نه ڏيڻ. الهو تلهو ڪٽي وڃڻ.
ٻُس؛ ث. گهٽ- ٻُٽَ. مونجهه (ساهه جي). پينگ.
ٻِسانگُ؛ ذ. ٻن شاخن واري ڪالي. ٻيانو.
ٻِسَٽِ؛ ظ. هڪ طرف کان ٻئي طرف تائين- آرپار.
ٻِسَرُ؛ ص. ٻن مختلف ذاتين مان چاول- گڏو.
ٻِسَرو؛ ص. ٻِن سَرن يا لڙهين وارو (هار).
ٻُسَڻُ؛ م. ملهه يا جهيڙي ۾ مقابل کي کٽي دسڻ- مٽيءَ ۾ پُرڻ. اُرهائڻ.
ٻُسو؛ ص. ڪِڻ ڪتيل- ٻُٽو. بناڳهن. بنا چٽن گلن (ڪپڙو). بي زيب. (ث. ٻُسي).
ٻِڪَڻُ؛ م. منهن تائين ڀرڻ- ڏٽڻ.
ٻِڪو؛ ذ. مٽي جي ڪل ۾ مٽيءَ جو چاول ته (جيڪو اچا ذرا ذرا ٿي اُکڙي). خشڪيءَ سبب مٽي جي اُکڙيل ڳلَ.
ٻِڪَ؛ ث. تاس ۾ ٻن داڻن وارو پتو- ڏُکي.
ٻِڪَ ٽِري وڃڻ؛ واٽڙو ٿيڻ- عقل چرخ ٿيڻ. وايون

ٻتال ٿيڻ.

ٻُڪُ: ذ. ٻنهي هٿن کي گڏي جهلڻ جي حالت.

ٻُڪ کڻڻ: هٿ کڻڻ (دعا لاءِ). دعا گهرڻ. فاتحہ خواني ڪرڻ.

ٻَڪَرُ: ذ. مشهور گهرو جانور- ٻيرُ.

ٻَڪر ٻُسَ: ث. جهلڻ ۽ پورڻ- وٺ پڪڙ. توري جاءِ ۾ گهڻا ماڻهو بند ڪرڻ.

ٻَڪر ٻُوساٽَ: ث. ٻڪر ٻُس. زوري زبردستي.

ٻَڪرارُ: ص. ٻڪريون چارينڌڙ. بيوقوف.

ٻَڪَروالُ: ذ. ساوڻ ۾ اُتر اوير ڪنڌ کان آيل مينهن (ڪنوڻ ۽ گجگوڙ سان اچي ۽ گهڻي دير تائين وسي).

ٻَڪِري: ث. مشهور گهرو جانور- ٻَڪِي- آڻي.

ٻُڪَلُ: ذ. عورتن جي رئي يا چادر پائڻ جو هڪ نمونو.

ٻِڪِي: ث. تاس ۾ ٻن داڻن وارو پتو- ٻِڪَ- ڏُڪي.

ٻُڪِي: ث. اَنَ جي لپَ. گراهڪ (جو اَنَ جي لپ کڻي اچي دڪان تان سودو وٺي). ٻُڪِي (لپ ۾ جهلي کائڻ جي). سڻي- دوا.

ٻُڪِي ڏيڻ: علاج ڪرڻ. حيلو ڪرڻ. ويساهي ڏڪ ڪڍڻ. ماري پُورو ڪرڻ.

ٻُڪِي وجهڻ: شاديءَ جي هڪ رسم موجب سهاڳڻين جو گڏجي شاديءَ کان اڳ اَنَ ڏرڻ، چڙڻ وغيره.

ٻَڪُ: ذ. ٻنهي ٻانهُن سان چيلهہ ۾ وڌل ياڪر. ملهہ جو هڪ داءُ.

ٻَڪُ لڳڻ: وجهہ لڳڻ. وارو ملڻ. فائدو ملڻ.

ٻَڪيہ پوڻ: ياڪرين پوڻ. هٿين پوڻ- جهيڙي ۾ ڳنڍجي وڃڻ.

ٻَڪڻُ: ٻڪ وجهڻ. سوگهو جهلڻ.

ٻَڪِٽي: ث. هڪ قسم جي زهري مک (جا گهوڙي، گڏهہ، ڪتي وغيره تي ويهي رت پيئي)- ٻَڪِهي.

ٻَڪُهہ، ٻَڪهو: ذ. پاڻيءَ پکي جو هڪ قسم- ٻَڪهلو.

ٻَڪُهہُ: ذ. جهنگلي پکي جو هڪ قسم. (ص) پورڙو- ٻُوڪ. موڳو.

ٻَڪِهلو: ذ. ٻَڪُهہ پکي. (ص) ٺڳُ- دغاباز.

ٻَڪِهلو ٻَڳتِ: ص. پورڙو- ڀالو ڀولو. مطلبي. ٺڳُ.

ٻَڪِهلو، ٻَڪهلوُ: ص. پورڙو- سادو سودو. بيوقوف.

ٻَڪِهي: ث. چئن ڦيٿن واري گهوڙي گاڏي- ٻَڪِي.

ٻَلِ: ث (سن. ٻَلِ) قرباني- صدقو.

ٻَلِ چاڙهڻ: هندو ڌرم جي ڪرياڪرم موجب ڪنهن ساهواري کي ديوتا جي ٻت اڳيان ڪُهڻ.

ٻَلُ: ذ (سن. ٻَلَ) سگهہ- طاقت. ٽيڪ. ڏِهُ. ڪوُري لاءِ ڪانئين جو ٻارڻ.

ٻِلُ: ذ. آفرين طور مليل نشان- تمغو.

ٻُلَ: ث. ڪير نہ ڏهائيندڙ چوپائيءَ کي علاج طور سار ۾ ڏنل ٺُوڪ.

ٻُلَ ڏيڻ: دب ڪڍڻ. سِيڪت ڏيڻ. چوڪ ڏيڻ.

ٻِلاري: ث. ٻن لاڻن واري چڙي.

ٻِلاڙِي: ث. وڏي جهنگ ٻِلي. ٻِراڙِي.

ٻِلٽِي: ث. ريل ذريعي موڪليل مال جلائڻ جي رسيد.

ٻَلَرُ: ذ. ٻارڙو. ٻچو (ٻليءَ جو)- پونگڙو.

ٻِلو: ذ. مشهور گهرو جانور. آفرين جوڳي ڪارنامي لاءِ مليل ڪنهن ڌاتوءَ مان ٺهيل نشان- تمغو.

ٻَلوانُ: ص (سن. بلوان) سگهارو- طاقتور. پهلوان.

ٻَلوِنگڙو: ذ. ٻليءَ جو ٻچو.

ٻِلهِ: ظ. ٻہ گڏ- ٻِٽَ- ٻيلهہ. (ث) ٻن ٿڻن مان ڏهائيندڙ چوپائي.

ٻِلهاباڙي: ث. ملهہ جو هڪ انگ.

ٻَلهارُ، ٻَلهارِي: ظ. قربان- گهوري- صدقي.

ٻِلهڙِ: ظ. ٻہ گڏ- ٻئي گڏوگڏ. ٻيلهہ.

ٻلهَڻ: ٿ. ڪير پيئندڙ ٿڙ ڪي ٻوٽ تي ٻڌل ٻسانگي ڪاني. ملهہ جو هڪ داءُ.
ٻلهَڻ: ٿ. پاڻي جو هڪ جانور- ٻرُون.
ٻَلهيڊ: ٿ. ولر- ٽولو (شڪاري جانورن جو).
ٻلي: ٿ. مشهور گهرو جانور- گُربہ. ناٽاري (جنهن سان ٻيڙيءَ جو پگهہ ٻڌجي). لوهي چنبو (جنهن سان کوهہ ۾ ڪريل شيون تلاش ڪجن).
ٻلي مارڻ: وڏو گناهہ ڪرڻ (چون ٿا ٻلي مارڻ سان ست ورهيہ مصيبت ۾ گذرندا). وڏو تصور ڪرڻ.
ٻماڙ: ٿ. هڪ ٻئي مٿان ٻن ماڙين واري جاءِ.
ٻمنهين: ٿ. بلا جو هڪ قسم (جنهن کي عام خيال موجب ۾ منهن ٿين).
ٻَنُ: ذ (سن. ٻَن). جهنگل- ٻَنُ. ٻَنُ- اوڙاهہ.
ٻَن ڏيڻ: ڪڏ ۾ وجهڻ. ڇڏي ڏيڻ. ترڪ ڪرڻ.
ٻنِ: ص. "ٻہ" عدد جي عام صورت.
ٻن ٻيڙين ۾ چڙهڻ: ساڳئي وقت ٻہ ڪم هٿ ۾ ڪڻڻ. ٻہ جوابداريون پنهنجي ذمي ڪرڻ.
ٻنبُ: ذ. دروازو- ٻنب. لنگهہ- گسُ (جاءِ جو).
ٻنيو: ذ. دروازو- ٻنب. لنگهہ (گهر جو).
ٻنيو ٻئي پاسي ڪرڻ: اڏاوت ڦيرائي ڇڏڻ. جوڳي جٺ ڪرڻ. سخت نقصان رسائڻ.
ٻنجَڻُ: م. ٻنجي ڏيڻ- ٻوچ ڏيڻ (شيشي وغيره کي). ٻنجو ڏيڻ. بند ڪرڻ.
ٻنجو: ذ. ٻوچ. ڏٽو. روڪ- بندش.
ٻنجو ڏيڻ: ٻوچ ڏيڻ. صفا بند ڪرڻ (ناجائز ڪم).
ٻنجي: ٿ. ٻوچ. ٻونبَ (ڪٽ جي پاڻي جي).
ٻندڙو، ٻندو: ذ. ڪنڊ ۾ پاڻ جو هڪ گهہ- ڏر.
ٻَنڌ: ٿ (سن. ٻَنڌ) پاڻي جي روڪ لاءِ وڏو ٻَندُ.
ٻَنڌ پچڻ: ڪنهن بہ شيءِ جو گهٽي انداز ۾ اچڻ.

ٻَنڌاڻُ: ذ (سن. ٻَنڌن) مقرر ٿيل لوازمو. مضبوط وٺيل رسو. هير- عادت.
ٻَنڌاڻي: ص. ٻنڌاڻ ٻڌل. عادتي. هيراڪ (نشي جو).
ٻَنڌڻُ: ذ. مقرر ڪم- فرض. قاعدو. ٽنجڻو. لاڳاپو. سَمر- زادراهہ.
ٻَنڌڻ پوڻ: قاعدي جون مجبوريون پوڻ. ناتو ڳنڍجڻ. عشق لڳڻ.
ٻنڌڻن ۾: تنجڻن ۾. ننڍيءَ عمر ۾.
ٻَنڊي: ٿ (سن. ٻنڌن) بدن ۾ تنتن ۽ گوشت جي سڏي- مُشڪ.
ٻَنڊُ: ص. وڏو لُچ.
ٻُنڊڙ، ٻُنڊڙُ: ذ. ڍاڪ جي هيٺان گوشت وارو حصو- چِتڙ.
ٻُنڊو: ذ. ڳنڍو (پاڻي کي روڪڻ لاءِ). ٻُنجو.
ٻنڊي: ٿ. ٻڙي- ٽبڪو. گڏهہ يا ڏاند جو آٽر (ڍڳي جي ڪُلهي يا گڏهہ جي پٺيءَ تي رکيل ڪپڙي جو تهہ).
ٻَنگُ: ذ. وَنگ- درياءَ جو وَڙُ. گهيڙُ. وَجهہُ.
ٻَنگ لڳڻ: وجهہ لڳڻ. وڪڙ ۾ ڦاسڻ. ٻڪ هڻڻ.
ٻُنگُ: ذ. ڪچو گونچ. ڪچو گُل. ڪچو سَنگُ. ڪپهہ جي ڦُٽي (جا اڃا ووڻ ۾ ٻيٺل هجي). سَرَ جو گُل (جيڪو اڃو ٿئي). ٻُورُ.
ٻَنگارَ: ٿ. ڌاتوءَ جو هڪ قسم- ڪنجهو.
ٻَنگاڙي: ٿ. ڪنجهي جو ٿانءُ. ڪنجهي جي ٿالهي.
ٻَنو: ذ. زمين جي ٻاري کي آيل ننڍڙو بندُ (پاڻيءَ جي روڪ لاءِ). ڪُڏَ جي ڪنار. سَندو- حد. ڪنارو. آڏ- ٻچاءُ. مٽيءَ جي ننڍڙي پِٽ. جسم تي ڇهبڪ يا ڇهي جي ڏڪ جو نشان- نيلُ.
ٻَنا پوڙ: ظ. تمام گهڻو پاڻي (جنهن جي اُٿل سان ٻنا ٻڏي وڃن).

ٻَنو ڏيئي وڃڻ: ختم ٿي وڃڻ. ڪُٽي وڃڻ.
ٻَنوڙو: ذ. ننڍڙو ٻنو. سَندو- نشان.
ٻَني تي وهارڻ: سُڌيءَ ۾ وهارڻ. سڃو ڪرڻ. هڪ هنڌ وهارڻ جي سزا ڏيڻ.
ٻَني لڳڻ: ڪناري پيڙو ٿيڻ. مراد پوري ٿيڻ. منزل تي پهچڻ.
ٻَني: ث (سن. وَني= وڻڪار) پوکيل زمين- زرعي ايراضي. کيتي- پوک.
ٻَني ٻارو: ذ. پوک راهه. پوک لاءِ زمين ٽڪر.
ٻِني: ث. بار بردار وهٽ جي ٻنيءَ کي زخمن کان بچاءَ لاءِ پيڙهو (ڳوڻ جي ڳوتري ۾ ڪک ۽ بوسو پريل، يا پرالي ڪپڙي ۽ ليڙن مان ٺهيل وهاڻي).
ٻِواٽو: ذ. اُهو هنڌ جتي ٻه واٽون گڏجن- دوراهو.
ٻُوبَٽُ: ذ. رڙ- ڪُوڪَ. دانهن. واڪو.
ٻُوبو: ذ. ڍير- ڍڳ. وڏي رقم. دستي (نوٽن جي). رشوت- ودي.
ٻوٻا ٻارڻ: لالچ ڏيئيَ نقصان ڪرائڻ. فساد اُٿارڻ.
ٻُوٿُ: ذ. مُنهن جو هيٺيون ڇاڙي وارو حصو. مُنهن- شڪل- چهرو. ڏُون (جانور جو).
ٻُوٿ سُڄائڻ: مُنهن گهنجائڻ. ڪاوڙجڻ.
ٻُوٿاڙُ: ذ. جانور جو ٻوٿ وارو پاسو- ڏُوناڙ.
ٻُوٿاڙو: ذ. وهٽ جي ٻوٿ تي (لغام بدران) ٻڌل رسيءَ جو وَڪڙُ.
ٻُوٿِي: ث. شڪل- مُنهن (حقارت سان).
ٻُوٽُ: ذ. گوشت جو وڏو ٽڪر- وڏي ٻوٽي.
ٻُوڪڻُ: م. ٻُورڻ (اکيون). بند ڪرڻ (دروازو).
ٻُوٽو: ذ. ننڍو سَلو. گاهه. وڻ وغيره جو سَلو.
ٻُوٽو ٻارڻ: سوجهرو ڪرڻ. همت ڪرڻ- مڙسي ڪرڻ. ڪارنامو ڪرڻ.

ٻُوٽِي: ث. ننڍڙو ٻوٽو (جنهن جا پن ۽ گل دوا طور ڪم اچن). گوشت جي ٽُڙَ. ٻَنگ (ساڳي ٻوٽي).
ٻُوٽي وڃهڻ: گذارو ٿيڻ. ٺاهه ٿيڻ.
ٻوجهه: ذ. بار- بوجهو.
ٻُوجهَه: ث (سن. ٻُڌ) سمجهه- عقل- مت. ڄاڻ.
ٻوجهو: ذ. بار. وزن. ٻن ڳوڻين جو گڏي سبيل سَنڍُ. وڏي پَري.
ٻُوڄُ: ذ. شيشي وغيره جي مُنهن بند ڪرڻ لاءِ ڪاڪ جو ٽُڪر. ڏٽويا ڪانيءَ ٽڪر- ٻُنجي.
ٻوڏ، ٻوڏِ: ث. پاڻيءَ جي اٿل- چَڙَ- ليٽَ. سيلاب.
ٻوڏ، ٻَوڏ: ذ. سڏ جي جواب ۾ حقارت يا بيزاري جي ورندي. ڦوٽُ!
ٻوڏِڙو: ذ. بيهوشي. مانداڻي. ساٿاڻي.
ٻورِ: ث. پيچش ۾ نڪرندڙ اڇي غلاظت- آنئُون.
ٻُورُ: ذ. ڪنهن ٻه ٻُوٽي، ٻُوڙي، وڻ جي مکڙين يا گُلن جهلڻ کان اڳ واري ڦُلهار- مورَ. ٻُونگر (ڪرڙ جو). ٻاجهري جوئر وغيره جي سنگن مٿان ان جهلڻ کان اڳ آئي جهڙي داڻ داڻِ.
ٻُورانِي: ث. "ٻن" گاهه جي سنگن مان نڪتل هيڊي رنگ جو اٽو (جنهن ۾ کنڊ وغيره ملائي ٻاڦ تي پچائي مُوڙيون ٺاهين).
ٻُورِجَڻُ: م. ٻوُر جهلڻ. ڦُولارجڻ.
ٻورو: ذ. (ف. ٻُورا) ويڪر وارن پاسن کان سبيل ۽ ڊيگهه واري هڪ پاسي کان کليل ڳوڻ (جيڪا خرزين وانگر وهٽ تي رکي پاڻ ۽ مٿي ڍوئڻ ۾ ڪم اچي).
ٻُورو: ذ. ڇُورو (ڪاٺ جو). ڪاٺ پيٺل شيءِ.
ٻورِي: ث. ڳوڻ. مڇي جي پيٽ ۾ چربيءَ جي ٿيلهي.
ٻوڙُ: ذ. رڌل گوشت مڇي ڀاڄي وغيره (ماني يا ڀت سان کائڻ لاءِ)- ڀاڄي.

بوڙُ هارَڻ: اجايو ڳالهائڻ. بڪڻ. اينگي نموني ڳالهائڻ.
بوڙاڻِ: ث. ڪنن کان نہ ٻڌڻ.
بوڙاهہ: ث. ڏاڍي ننڊ. ڳهَر. بيهوشي.
بوڙاهہ ٻُٽَ: ث. سخت بيهوشي. اگهور غلطاني.
بوڙائڻُ: م. زير آب ڪرائڻ. ٻُڏائڻ (رڱَ ۾ ڪپڙو). گهرو ٿيڻ (ڪنن کان).
بوڙَٽُ: ص. نهايت بوڙو- بوڙو چٽ.
بوڙَڻُ: م. زيرآب ڪرڻ. غرق ڪرڻ. ٻوڙَ ڪرڻ.بوڙو ڏيڻ (رڱَ ۾). فيصلي ۾ ڪنهن جو وهنوار وڃائڻ. نابود ڪرڻ. زائل ڪرڻ.
بوڙو ڏيڻ: ٽوبو ڏيڻ. رڱَ ۾ ٻوڙڻ.
بوڙو: ص. ڪنن کان نہ ٻڌندڙ. گهرو. (ث. بوڙِي).
بوڙو گهَلِ: ص. چٽ بوڙو. (ث. بوڙي گهلِ)
ٻُوڙو: ذ. گاه وغيره (جو لاموڻ ڪري اُسري)- ٻُوٽو. ٻُٽ (گاه جو).
بوڙِي: ث. پکيءَ جو هڪ قسم (جهرڪي جيڏو پهاڙي پکي. جوئر ٻاجهري جو فصل زوري کائي، ڇڻ جهار هڪلڻ جو آواز ٻڌيئي ڪونہ).
ٻُوسَاٽَ. ٻُوسَٽَ: ث. هوا جي گُهٽَ- حَبس. ساهہ جي مونجهہ.
ٻُوساٽِجَڻُ: م. گهُٽجڻ. مونجهہ ٿيڻ (ساه جي).
ٻُوساڻُ: م. زوري وات نڪ بند ڪري ساهہ گهٽڻ.
بوڪاڻِي: ث. مٽي ۽ ڳچيءَ کي ڪپڙي ويڙهڻ جو هڪ نمونو.
ٻُوڪِجَڻُ: م. انب يا ڪجيءَ جو اوائلي ٻُور جهلڻ. ٻورجڻ. ڦرجڻ (ٻڪري).
بوڪَڻُ: م. ٻور جهلڻ (انب، ڪجي وغيره).
بوڪو: ذ. کوهہ مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ چمر جو ڏول.
بوڪِي: ث. چادر اوڍڻ جو هڪ نمونو (چادر گوڏ وانگر ٻڌي، پوچڙ چاتيءَ تان وراڻي ڳچيءَ ۾ ٻڌي ڇڏجن). هٿنڊ پمپ يا پاڻيءَ جي مشين ۾ ڪم ايندڙ چمڙي جي ڪٽوري.
بوگهہ: ص. بيوقوف.
بوگهِلو: ص. بيوقوف. پورڙو. (ث. بوگهِلي).
بولَ: ث. انجام- واعدو (سؤدي جو). مال لهڻ کان اڳ وڪري جي بولي.
بولُ: ذ. سخن- گفتو. قول- انجام. ساز جي وڄت يا ڳائڻ جو ٽل وغيره.
بولُ وَچَنُ: ذ. انجام اقرار- واعدا.
بولاچالِي: ث. گفتگو. وهنوار. انجام اقرار.
بولاهو: ذ. نراڙ تي اڇو چٽو. اهو چوپايو جنهن جي نراڙ تي بولهہ هجي. (ص) نياڳو- چندو.
بولاهِي: ث. مُنهن تي اڇي ٽِڪي واري ڍڳي. ٻڪريءَ جو هڪ قسم. آڙي جو هڪ قسم.
بولائِڻُ: م. ڪليو ڪلايو چوڻ يا ٻڌائڻ. بدلي وڻڻ جو چتاءُ ڏيڻ. خبردار ڪرڻ- چتائڻ. هوڪارڻ- للڪارڻ. تتر کي سينڌ تي آواز ڪرائڻ.
بولڙِيو: ص. ٻئي جي پوٺتان ڳالهائڻ وارو. پڳت جي پٺيان وارو وڻائيندڙ- سُرجهلائو. ٻئي جي مرضي موجب ڳالهائيندڙ- هٿ ٺوڪيو.
بولَڻُ: م. چوڻ- آکڻ. ڳالهائڻ. بوليون ڪرڻ. تنوارڻ (تتر). بولَ ڪرڻ (اگهہ جي).
بولهہ: ذ. جانور جي پيشانيءَ تي اڇو نشان. ٻانو (گهوڙي جو).
بولِي: ث. زبان- لسان- ڀاشا. ڳالهاءُ- گفتگو. لات (پکين جي). انجام- واعدو.
بولِي ڪرڻ: سؤدي يا وڪري کي پڪو ڪرڻ. اگهہ جي صفائي ڪرڻ. اقرار ڪرڻ- واعدو ڪرڻ. پکيءَ

جو بولڻ.

ٻُونگرِ؛ ث. ڪرڙ جي ڪَچي مور. ڪچا گونچ.

ٻُوهہ؛ ذ. ٻاجهريءَ جي اَنَ جون ڪلون- ٻُهي، ٻُوٽي جو هڪ قسم (جنهن جا گُل وهائڻ ۾ وجهجن).

ٻُوهاڙ؛ ث. ڪُتي جيُ وڏي دانهن. وڏي رڙ.

ٻُوهَلَ؛ ث. صبح جا ماڪ وارا ڪڪر (جيڪي ٿڌي هير سان گڏ اُتر ڏانهن وڃن). ماڪَ جون بوندون.

ٻُوهو؛ ذ. اَنَ جا ٿُهہ. مصيبت- آزار. هاڃو. سَزا.

ٻُوهي ۾ اچڻ؛ آئيءَ ۾ اچڻ. مصيبت ۾ ڦاسڻ. هاڃي ۾ پوڻ.

ٻَهہَ؛ ص. (سن. ٻَهہ) گهڻا. جهجهو- ٻَهُون.

ٻُهارڻُ؛ م. ٻُهاري ڏيڻ- ٻُهاري پائڻ. صفائي ڪرڻ. ميڙڻ. سيڪجهہ ڪٺي وڃڻ.

ٻُهاري وڃڻ؛ جيڪي هجي سو ڪٺي وڃڻ. الهو تلهو ڪٺي وڃڻ.

ٻُهارو؛ ذ. گند ڪچري ميڙڻ لاءِ ڪجي، ڪانهن، ڪِپ، سَر، مُڃَ وغيره مان لهيل ٻُهري- جهاڙُو. ڪجيءَ جو گوشو (جنهن ۾ ٻُرُ ٿئي).

ٻُهاري؛ ث. ننڍو جهاڙو يا ٻُهري.

ٻُهاري ڏيڻ؛ جهاڙو ڏيڻ. صفائي ڪرڻ. سيڪجهہ ميڙي سيڙي ڪٺي وڃڻ.

ٻُهاريدارُ؛ ص. ٻهاري ڏيندڙ. خادم- ٻانهو.

ٻِهاڻِ؛ ث. ٻن سالن جي مادي (گڏهہ، گهوڙي، اُٺ).

ٻِهاڻُ؛ ذ. ٻن سالن عمر جو نَرُ (ڪودو، وڇيرو، گونرو).

ٻَهہ ٻَهہ؛ ث. چمڪو- تجلو. روشني- رونق. ٻهڪو- خوشي. (ص) گهڻو- جهجهو.

ٻَهجاڻُ؛ ص. گهڻو ڄاڻندڙ- وڏو ڄاڻو. سياڻو- داناءَ.

ٻَهرِ؛ ظ (سن. وَهِر) ٻاهر- بيرون.

ٻَهرٿو؛ ص. ٻاهريون ماڻهو. ڌاريو- اوپرو. ٻاهران آيل.

ٻَهرپيرو؛ ص. گهمندڙ- رولاڪ. ڪريل. زناڪار. (ث. ٻَهرَ پيري).

ٻَهرُو؛ ص. "هر" يا بيل گاڏي ۾ ساڄي هٿ تي وهندڙ ڍڳو- ٻاهرو.

ٻَهريون؛ ظ. ٻاهريون. ظاهري. ملهہ جو هڪ ڄاڻو.

ٻَهَڙُ؛ ذ. ٻُهاريل گند ڪچرو- ڪِن ڪچرو. (ص) گندو (ماڻهو). بي اقبالو. نڪمو.

ٻَهراڙِي؛ ث. شهر کان ٻاهر واري آبادي. شهر جي پسگردائي. ڳوٺائي آبادي- ديهات.

ٻَهروٽِيو؛ ص. قاعدي قانون کان ٻاهرين حد ۾ گذاريندڙ. ٻاهرئين ملڪ ۾ ڦُرلٽ ڪندڙ.

ٻَهروُپُ؛ ذ (سن. بهہ روپ) گهڻا روپ. گهڻيون شڪليون. چمڙاپوش.

ٻَهروُپِي، ٻَهروُپيو؛ ص. ويس بدلائي گهڻين شڪلين جو روپ وٺندڙ. سانگ وجهندڙ. منافق- دغاباز.

ٻَهرِين؛ ث. مَلهہ ۾ ٻاهريون ڄاڻو.

ٻَهڙِ؛ ث. ڏُڌ ۾ کير جا گوها هٿي ٺاهيل ٿيڌر. پوريءَ طرح نہ چاول کير.

ٻَهڙو؛ ذ. ڪارن ۽ اڇن چٽن وارو ڪُتو. (ث. ٻَهڙِي).

ٻَهڪَ؛ ث. چمڪو- تجلو- روشني. وڻن ۽ گلن جي تازگي ۽ خوشبوءِ.

ٻَهڪارَ؛ ث. چمڪو. رونق. خوشي. خوشي يا ڏُڪ واري دانهن.

ٻَهڪَڻُ؛ م. خوشيءَ ۾ ٽِڙڻ- بهار بهار ٿيڻ.

ٻَهڪو؛ ذ. چمڪو. خوشبوءِ- سڳنڌ.

ٻَهگُڻُ، ٻَهگُڻو؛ ص. (سن. بهہ گُڻ) گهڻن گُڻن وارو. سياڻو- داناءَ. (ذ) ڏاهپو.

ٻَهَلُ؛ ذ. وڏو سوراخ- ٻرگهل. وڏو زخم.

ٻُهلَڻُ؛ ذ. گنديءَ جو ڏِڪَ- چاپُڙ. (ص) -ٿُلهو-

توتانگ. بي بولو (جسم).
ٻَهٽي: ث. دڪان تي وڪر جي وڪري واري ملپل ٻهرين نقدي.
ٻَهُوه: ظ. گهڻو- جهجهو- بي انداز.
ٻَهي: ظ (سن. ٻُس) جوئر ٻاجهري جي سنگن مان انُ نڪرڻ بعد باقي ٿُهه يا ٻُري.
ٻَٽي: ص. هي ٻه هُوبهو- جوڙو ٽي- بيٺي.
ٻٽي اکيون برابر ڪرڻ: سيني کي هڪ جهڙو ڪري ڏسڻ. انصاف ۾ رياء نه ڪرڻ.
ٻَٽي مٺا ڪڍڻ: شادي ۾ گهوٽيتو توڙي ڪنواريتو خرچ ڪڍڻ.
پيانو: ذ. ڍنگهرن ڪڍڻ لاءِ خاص ٻه سانگي ڪاني.
پياڻي: ث. ننڍو "پيانو".
پياڻي: ث. ڏوئي- ڪوٽ- دولاب. منافقي. شِرڪُ.
بيپڙاتُ. بيپڙٽُ: ذ. ٻڪريءَ جي دانهن- بيڪات. ٻاڪار- دانهن.
بيٽُ: ذ (س. دويپ) درياء سمند يا ڍنڍ ۾ خشڪي وارو زمين ٽڪرُ- جزيرو.
پيٽَ: ث. سُڌ- ڄاڻ. ڄڪي پُورڻ يا پڄاڻ (اک).
بيٽاري: ث. ننڍڙو بيٽ. درياء ۾ پاڻي لهڻ کان پوءِ ظاهر ٿيل ريٽُ وارو ٽڪرو.
پيٽڻُ: م. زور سان بندڪرڻ (اک. مقعد)- ٻُوٽڻ. ڀيڙڻ. پڄائڻ.
بيٽو: ذ. ٻُٽ. (ث. بيٽي).
بيجارو: ز. روپڻي لاءِ پوکيل ٻج واري زمين.
بيجَڪُ: ذ (سن. ويجڪ) خريد ٿيل مال جي قيمت جي تفصيل سان چٺو- ٻلُ. جنسن جي اگهوتري.
بيجَلُ: ذ. سورٺ ۽ راءِ ڏياچ قصي جو هڪ ڪردار (چارڻ. جنهن راءِ ڏياچ جو سِر سُوال ۾ گهريو).
بيجو: ذ. روپڻي لاءِ پوکيل ٻج (جنهن جا سَلا وڏيرڙا ٿين ته ڪڍي ٻئي هنڌ هڻجن).
پيرِ: ث. هڪ قسم جو وڻ.
پيرُ: ذ. "پيرِ" وڻ جو ميوو (قسم: صوفي پيرَ. چاپرو پير. سنڌي پير).
بيرو: ذ. ماس جو ڳاڙهو ٽڪر. گوشت جو ٽُڪر- ٻوٽُ. مڇيءَ جي ڳِڀي.
بيرا بيرا ڪرڻ: ڳيا ڳيا ڪرڻ.
ٻيڙَ: ث. جوءِ- زال.
ٻيڙُ. پيڱڙُ: ذ. هڪ نه ٻئي ڏينهن ايندڙ جو تپ- واري جو تپ.
پيڙ ٻتو: ذ. ڪُڌ جي چوڌاري ڏنل ٻَنو.
بيڙو: ذ. وڏي شاهي ٻيڙي. جنگي غورابن جو آرماڙ. اٽالو- عملو.
بيڙا ٻني لڳڻ: سڀ ڪم سرانجام ٿيڻ. سوڀارو ٿيڻ. دل جي مراد پوري ٿيڻ.
پيڙو: ذ. ٽُڪمو (ڪوٽ، پهراڻ، قميص وغيره جي ڳاريءَ ۾ ٻئي ان کي بند ڪري). ٻَٽڻ- سَرٽُ. رنگين سڳو يا ڏورو (مڱڻي رات ٻانهن ۾ ٻڌڻ لاءِ)- ڳانو. ڪانيءَ ۾ ٻڌل گُلَ (شاديءَ ۾ ورهائڻ لاءِ). ويڙهيل پانُ. مُڇن جي وچ وارو چوڪنڊو خال.
بيڙي: ث. ڪَشتي- مَڪُري- سفينو. زنجير ۾ ٻڌل ڪڙي (ڏوهاري جي پيرن ۾ ٻڌڻ لاءِ).
بيڙيءَ چاڙهي ٻُوڙهو ڪڍڻ: وڏي فائدي جو دلاسو ڏيئي وقت تي دغا ڏيڻ. وعدي خلافي ڪرڻ. ڏڪ ڪڍڻ.
پيڙي: ث. پَن جي ٻتي ۾ ويڙهيل تماڪُ (ڇڪڻ لاءِ).
بيڪاٽُ: ذ. ٻڪريءَ جي رڙ. دانهن- رڙ.
بيڪَڙُ. بيڪُڙُ: ذ. دروازي جي ٻن طاقن جي وچ

واري وٿي. وڻ جي ٻن ڏارن جي وچ وارو خال. ٻن پٿرن جي وچ ۾ وٿي. وَرُ- پيچ. وڪڙ- ڦيرو (رستي، درياء وغيره جو).

بيڪِڙهُ: مَ. ڪڙي يا تاڙي ڏيڻ کان سواءِ دروازي جا طاق ورائي چڙهڻ- ورائڻ (طاق). بند ڪرڻ (در).

بيڪَڻُ: ٻڪري؛ يا رڍ جون بيڪُون ڪرڻ.

بيڪُڙُ: ذ. ٻن وڻن، پٿرن يا ٻن جاين جي وچ واري وِڇوٽي- بيڪڙُ.

بيگهي: ث. لوڪ ناچ جو هڪ قسم (جنهن جو ٻول "هُڙ بيگهي").

بيگهي مڇڻ: هنبوڇي لڳڻ. هُل ٿيڻ. ٻٽو فائدو ٿيڻ. ٻہ طرفو لاڀ ملڻ. ساڃي لڳڻ. جهيڙو لڳڻ.

بيلاٽُ: ذ. گهڻن ٻيلن واري ايراضي. درياء جي ٻيٽاري (جنهن ۾ ٿورو گهڻو جهنگ اُڀري ويو هجي).

بيلاٽِي: ث. ننڍو ٻيٽ- ٻيٽاري.

بيلاڻِي: ص. ٻيلي جو رهاڪو. شينهن جو هڪ قسم- واگهہ.

بيلَپَ: ث. همراهي. ٻئي سان شراڪت يا مدد. نوڪري. ٻانهپ. چاڪري- ٽهل.

بيلَپو: ذ. نوڪري. ٻانهپ. ٽهل- چاڪري. خدمت. مددگاري- همراهي.

بيلَڻُ: ذ. "جتن" جو لوڪ گيت. سنڌ جو هڪ لوڪ گيت (عموماً سرائڪي ٻولي ۾).

بيلو: ذ. درياء جي ڪنڌيءَ لڳ گهڻن ۽ وڏن وڻن واري ايراضي.

بيلهہ: ث. هڪ ئي وهٽ تي ٻن ڄڻن جي گڏ سواري. هڪ دفعو کيڙيل زمين تي ٻيو هَرُ. همراهي- مدد. بيلپو- سنگت. (ظ) گڏ- ساڻ.

بيلهہَ ڏيڻ: ٻيو دفعو هر ڪاهڻ. سنگت ۾ وهڻ. همراهي ڪرڻ.

بيلهاڙو: ذ. هڪ قسم جي پهلواني واري راند ("وڏ ڪبل" وانگر کيڏي ويجي).

بيلِهڙو: ذ. مٽي تي پاڻي جا هڪ ٻئي مٿان- ٻہ ڀريل دلا. نڪر جي ٽانون جي رکيل قطار (ڪُنو، ڪنگر، تس، دکي، ٽيو).

بيلِي: ص. ساٿي- سنگتي. همراه- رفيق. واهرو- مددگار. حال ڀائِي. پورهيت. (ث. بيلِياڻي).

ٻيڻِ: ث. اوتري ئي واڌ- ٻٽائي.

ٻيڻو: ص. ٻہ ڀاڱا زياده. ٻٽو- ڏوڙو. ڏنگو- مُڙيل. (ث. ٻيڻِي).

ٻيو: ص. ڳاڻيٽي ۾ پهرئين کان پوءِ وارو عدد- ٽاني. ڌاريو- غير. بدليل. نرالو.

ٻيهارِ، ٻيهَرِ: ظ. ٻيو دفعو- ٻيو گهمرو- وري.

ٻيئي: ص. هي؛ ٻہ ۽ هُو ٻہ- هردو- ٻئي.

پ

پ: ث. سنڌي "الف -بي" جو چوٿون اکر. اُچار "پي". ابجد موجب عدد "ب" جي برابر (٢).

پاپڙا: ذ. هندن جو هڪ فرقو (جين ڌرم جا پوئلڳ).

پاپي: ث. پاءُ جي زال- پاجائي.

پاتي: ذ. ڪٽنب جو ماڻهو. گهر جو فرد.

پاڄ: ث. ڀڄڻ . هار- شڪست، ڀوڄ. لڏ پلاڻ.

پاجائي: ث وڏي پاءُ جي زال.

پاڄَڙِ: ۽. ڏسو "پاڄ".

پاجوڪڙُ؛ ص. هر هر پڇي ويندڙ. گوسڙو. (ث. پاجوڪڙِ).

پاڇي؛ ث. بوڙ ڳنڍڻ. ڪنهن رسم تي ورهايل يا ڏنل مٺائي يا ڪاڻو.

پاڇي پڇي؛ ث. بوڙ ٻاڙي- ڳنڍڻ پاڻڻ.

پاڇيون؛ ث. جدا جدا قسمن جون سبزيون.

پاڇ؛ ث. پيڇ جي حالت. ڳاموڙ (بدن ۾).

پاجوڪڙُ؛ ص. پيڇڪڙي ڪندڙ. ڦيٽاڙو وجهندڙ.

پاڏ؛ ث. ڳڏ. ويڪري ۽ اونهي ڳڏ. پوڙهي مينهن.

پاروڙي؛ ث. اڃي اَنَ واري رڍ. اَنَ مان لهيل ڪٽي.

پارِي؛ ص. ڳري بار وارو. ڳرو- وزندار. ڀاري.

پاڙِ؛ ث. وڏو چلهو. ڀَٽُ. تنور- ڪورو.

پاڙِ ۾ وجهڻ؛ ڀاهه ۾ وجهڻ. ٻن ڏيڻ.

پاڙِ؛ ث. دلالي (بدپيشي جي). حرامخوري.

پاڙِ وجهڻ؛ حرام جو پئسو ڪارائڻ. رشوت ڪارائڻ.

پاڙِتَ؛ ث. اَها ڳٽون جا گاهه يا چاري ٻنان نه مڙي.

پاڙَڻُ؛ م. ٻئي تي آسرو رکڻ. پروسو ڪرڻ. ڀاڙي تي ڪرڻ. (گاڏي، وهٽ وغيره).

پاڙو؛ ذ. محنتاڻو- اجورو. عيوض- بدلو، مسواڙ. گاڏي يا وهٽ تي سواريءَ لاءِ ڪرايو. مينهن يا ڍڳيءَ کي ڪير لاهڻ لاءِ ڏنل چارو.

پاڙِي؛ ص. ڍچڻو- بي همت.

پاڙِيو؛ ص. (حقارت مان) بي همت، ڀاڙ کائيندڙ.

پاسَڻُ؛ م (سن. پاسن) چمڪڻ- روشن ٿيڻ. نظر اچڻ. پسڻ. محسوس ڪرڻ. سمجهڻ.

پاشا؛ ث (سن) ٻولي- زبان.

پاڪڙُ؛ ذ. ڳرهاٽڙي- ٻغلگيري، ٻڪ. ٻن ٻانهن جي وچ ۾ آيل ڪانيون گاهه وغيره (جو ماڻهو کڻي سگهي).

پاڪرين پوڻ؛ ٻکين پوڻ.

پاڳَ؛ ذ. هڪ ذات جو نالو ("سومرن" جا فقير).

پاڳُ؛ ذ (سن. ڀاڳيہ) بخت- نصيب. ڀاڱو- حصو.

پاڳ پريو؛ ص. سڀاڳو- بختاور (ث. ڀاڳيري).

پاڳوَندُ؛ ص. نصيب وارو- خوش نصيب.

پاڳي؛ ص. ڀاڳوند- بختاور.

پاڳيو؛ ص (سن. ڀاڳيوت) ڀاڳ وارو- سڀاڳو. سکيو آسودو. جنهن وٽ ڪير ڏيندڙ مال هجي- مالوند.

پاڱو؛ ذ (سن. ڀاڱ) حصو- ٻخرو. ڀاڱ.

پاڱي ڀائي؛ ص. حصيدار- پتيار. ڀائيوار.

پالُ؛ ذ. تورو- احسان. مهرباني. وڙ.

پال پلائڻ؛ پلايون ڪرڻ- تورا ڪرڻ.

پالو؛ ذ. ڏنو- نيزو.

پانَ؛ ذ. هڪ ذات جو نالو (سنڌ جي آڳاٽن مسلمان فقيرن جي برادري جن جو خاص پيشو ڪيرتون ڪرڻ ۽ ڏان وٺڻ هو).

پانياڙُ؛ ذ. وڏو ڦوڙ (پٽ ۾)- برڳهل. ويران.

پانيوڙَجڻُ؛ م. ڪاوڙجڻ. خفي ٿيڻ.

پانيوِلجَڻُ؛ م. مٿو ڦرڻ. هوش خطا ٿيڻ. پنيلجڻ.

پانتِ؛ ث. قسم- جنس.

پانت پانت؛ ذ. قسمين قسمين.

پانپَڻُ؛ م. سمجهڻ- محسوس ڪرڻ. پروڙڻ.

پاندارُ؛ ذ. سيڌي سامان رکڻ جي جاءِ. گدام- پانڊو.

پاندارو؛ ذ (سن. پاند) ٻاراڻي راند ۾ آلي ڳوهيل مٽيءَ مان ٺاهيل ننڍڙي وَٽي (جا زور سان زمين تي هڻي لڪاءَ ڪڍجي).

پانداري؛ ث. پئسن ڳڏ ڪرڻ جي ڪڏڙي

پاندارِي؛ ص. پاندار سنڀاليندڙ- پنداري. لنگر هلائيندڙ.

پاندو؛ ذ (سن. پاند= مٽيءَ جو ٿانءُ) (ديڳڙو

وغيره)، اُن رکڻ جي جاءِ. گدام. انبار خانو- توشاخانو. ڀڳل ۽ سامان کان خالي گهر. بدن- جسم. ڍير- پيٽ. تار جو چرخو (جنهن تي مالهه چڙهي)- ڀينگو.

ڀانڊو ڦاڙڻ: راز پڌرو ڪرڻ- پول پڌرو ڪرڻ. اصل حقيقت ظاهر ڪرڻ.

ڀانڊِي: ث. هرلي يا تار جو ڀينگو.

ڀانِسالُ: ذ. ٿانو (پتل، ٽامي وغيره) مان ٺهيل سامان.

ڀانگ، ڀاڳَ: ث. چنڊ جي پهرئين ۽ ٽئين هفتي واري سامونڊي هلڪي ويرَ.

ڀانگو، ڀانگهو: ذ. سَنهي سڪل ڪاٺي (ٻارڻ جي ڪم اچي). ڇِنيو. سُڪل ڪاٺي.

ڀانگا لاهڻ: سُڪل ڪاٺ مان ڇانيا ڀڃڻ. ڀاسا ڀڃڻ.

ڀانئيرو: ذ. هلي چلي. هلندڙ وقت جو اثر.

ڀانئجَڻُ: م. سمجهه ۾ اچڻ. محسوس ٿيڻ. خيال ٿيڻ.

ڀانئِڻُ: م (سن. ڀاوَن) گهُرڻ- چاهڻ. پيار ڪرڻ. ڄاڻڻ. خيال ڪرڻ. سمجهڻ. اندازو لڳائڻ.

ڀانئِڻُ: ذ. پاڻ کي ڪجهه سمجهڻ. هستي. وڏائي. هٺ- مغروري.

ڀانِي: ث. حجام جي اوزارن جي ٿيلهي- ڪِسبت.

ڀانيو: ذ. خوديءَ وارو خيال. هستيءَ وارو ارادو. مفروضو. پڪو پُختو اندازو. نظريو.

ڀاهُ: ذ. ماڳ- هنڌ. هٺ- غرور. تڪبر. وڏو ڀيالو- جَمن. چوپائي مال جو ويٺو ٿولهڙيون وغيره.

ڀائيجُ: ذ. ڀائيجو. (ث. ڀائيج).

ڀالو: ذ. ماڳ- هنڌ. ويٺي. مال جو وٿاڻ- واڙو.

ڀائيجو: ذ. ڀيڻ جو پٽ. (ث. ڀائيجي).

ڀاوَنا: ث (سن) اُڪير- سِڪ. پيار. خواهش- ارادو.

ڀاوِي پريوگُ: ذ (سن) گرامر موجب جنهن جملي ۾ فعل جي فاعل جي ضرورت نہ ٿئي (مثلاً پينگهي ۾ لڏبو آهي، وغيره).

ڀاءُ: ذ. آدو- برادر. اگهه- نرخ.

ڀائپي: ث. برادري. عزازت.

ڀائيٽيو: ذ. ڀاءُ جو پُٽ. (ث. ڀائيٽي).

ڀائترو، ڀائِٽرو: ذ. وقت مطابق حال چال- ماحول.

ڀائرَ: ذ. "ڀاءُ" جو جمع. برادري.

ڀائُو: ذ. ڀاءُ.

ڀائي: ذ. ڀاءُ. سائي.

ڀائِبَندَ: ذ. سنڌ جي هندو واپارين جو هڪ طبقو.

ڀائيبندِي: ث. برادري. ڀائيچاري.

ڀائيچارو: ذ. ڀائپي جو رستو. برادري جو ميڙ.

ڀائيوارُ: ص. حصيدار- ڀتيار.

ڀائيوارِي: ث. حصيداري- ڀاڱيواري.

ڀاڀالو: ص. ڀاڙن وارو- ڀائيوار جو (ث. ڀاڀالِي).

ڀَپُ، ڀِپُ: ذ. پيٽ- شڪم. وڏو پيٽ. ڍِڍُ.

ڀپ ڀَرڻُ: ڍؤ ڪرڻ. فقط پاڻ فائدو وٺڻ.

ڀپاسَ: ث. هڪ راڳڻيءَ جو نالو (جا پرهه ڦٽي وقت ڳائجي)- صبوحي.

ڀِتَرُ: ذ. جسم جو پيٽ ۽ ڇاتي وارو حصو- ڍِيرُ.

ڀِتري: ث. بنا ٽنگن يا سڪل ٽنگن وارو ڍِيرُ.

ڀِتڙُ: ذ. ٻاهه جو شعلو. مَچُ- ڀَنيتُ.

ڀِتڙُ: ذ. ڀَنِ گاهه جي پاڙ. ڏيرُ جي پاڙ- پِڏ.

ڀِتڙڪو: ذ. ٻاهه جو ڀِڙڪو. ٻاهه جون جيڀون.

ڀَڀڪو: ذ. پاڻيءَ جو ڀڙڪو. اُڇل (پاڻي يا ٻاڦ جي)- ٽڏڪو. زوردار ڳالهاءِ. حشمت وارو آواز. دهمان وارو دڙڪو. ظاهري ٽيڪ- ٺٺ.

ڀَبڪيدارُ: ص. دبدبي وارو. رعبدار. حشمت وارو.

ڀَبڪِي: ث. زوردار آواز. دڙڪي واري هڪل. هشناڪي- رعب تاب.

ڀيُوتِ؛ ث. ڳئون جي ڄيٿي جي رڳ (جيڪا شوَ جا پوڄاري ساڌو پنهنجي ٻُت کي مليندا آهن). چار- ڦلهيار. مڙهيءَ جي ڏوٿيءَ جي رڳَ.

ڀَتِ؛ ث (سن. ڀَڪت) ريت- طرح. پَرِ- روش.

ڀَتو ڀَتِ، ڀَتو ڀَتيهِ؛ ظ. طرحين طرحين- قسمين قسمين.

ڀَتُ؛ ذ (پرا. ڀَت، سن. ڀَڪت) اوباريل يا رڌل چانور. شاديءَ، خيرات يا وَنگار جو ڀَت.

ڀَت ڀائِي؛ ص. برادريءَ وارو- شريڪ. راڄ وارو.

ڀَت ٿيڻ؛ پاڻيءَ ۾ ڀُسِي ڳري وڃڻ. رجهي وڃڻ.

ڀَتُ گهاٽو ڪرڻ؛ بيواجبي فائدو حاصل ڪرڻ.

ڀت ۾ ڪهر پوڻ؛ نهيل نڪيل ڪم ۾ رنڊڪ پوڻ.

ڀِتِ؛ ث (سن) ديوار. عالم پناه.

ڀت جو چِٽُ؛ رڳو ڏسڻ جو سهڻو. ڏسڻ ۾ ڀيڪي وارو پر بلڪل نڪمو.

ڀِتيهِ ڀيڙَ؛ قبر جي سوڙهه جو عذاب.

ڀتيهِ تان ڀَت اڇلائڻ؛ فقط ڏيکاءَ لاءِ اجايا خرچ ڪرڻ. اجائي سخاوت ڪرڻ.

ڀَتارُ؛ ذ. پالڻهار. مڙس- گهروارو.

ڀَتارِي؛ ث. گيهه يا تيل وجهڻ لاءِ چم جي ٻَڀي.

ڀِتَرُ؛ ذ. سُڪل مٽيءَ جو ڀورو- ڀنڊُ. ڦوڙ- ڳڙو.

ڀِتَر ڀائِي؛ ذ. مرڻي وقت فوتيءَ جي جنازي ۽ دفنائڻ ۾ شريڪ. غميءَ ۾ همدردي ڪندڙ.

ڀِتر ڀورڻ؛ لائي چائي ڪرڻ. ٻن کي ويڙهائڻ لاءِ بهتان بازي ڪرڻ.

ڀَتو؛ ذ (ف. بسته= بدل خرچ) ڪامورن جي گشت جو خرچ. مسافريءَ ۾ کاڌي جو خرچ. قيديءَ لاءِ کاڌي جو مقرر انداز. ڪپڙن کي ڪلف ڏيڻ لاءِ پيڻ.

ڀتو ڀاڙو؛ ذ. مسافريءَ ۾ کاڌي ۽ ڀاڙي جو خرچ.

ڀُتو؛ ص. جهونو. ڳريل- سڙيل. ڪاٺي ويل ڪاٺ (جو سٽ نہ سهي سگهي). هيڻو- ضعيف.

ڀُتو ڀاڻُ؛ ذ. سڙي ڳري ويل. ٻنهہ جهونو.

ڀُتو؛ ذ. ڀنگ يا آفيم جي وڪري جو دڪان- ڳُتو.

ڀَٽُ؛ ذ. "ڀَٽ" قوم جو فرد (جو ڳائي وڄائي ۽ ڪيرتون ڪري).

ڀَٽُ فقير؛ ذ. خيرات وٺڻ کان سواءِ نہ چڏيندڙ فقير.

ڀِٽَ؛ ث. واريءَ جو وڏو دڙو. ڊِبَ.

ڀَٽارو؛ ص. ٿلهو متارو (چوپايو جانور). سياڳو (گهرو جانور). پلو- پلارو. (ث. ڀَٽارِي).

ڀُٽ ڀُٽ؛ ث. چپن ۾ آهستي ڳالهاءُ (جيڪو ٻئي کي سمجهہ ۾ نہ اچي).

ڀَٽڪڻُ، ڀِٽڪڻُ؛ م. اجايو رلڻ. در در رُلڻ. ڌڪا کائڻ. دربدر ٿيڻ.

ڀُٽڪو؛ ذ. آهستي ڳالهاءُ- ڀُڻڪو.

ڀُٽُو؛ ص. بيوقوف- ڀُوڪ.

ڀُٽڪا ڪم ڪرڻ؛ اجايا ڪم ڪرڻ. نقصان جهڙا ڪم ڪرڻ.

ڀُٽُون؛ ذ. مشهور زهري جيت- وِڇُون.

ڀَٽهُ؛ ص. پوڙهو جُهور- ڪراڙو.

ڀَپو؛ ص. ڏندن پگل- پڏو.

ڀَڄَ؛ ث. ڀاڄ- ڀاڄَڙ. ٺاهہ. ڊوڙ ڊڪ. اجائي تڪڙ.

ڀَڄ ڀڄاه؛ ث. ڊڪ ڊوڙ.

ڀڄ ڊُڪَ؛ ث. ڊوڙ ڊڪ. ڪوشش.

ڀَڄائِڻُ؛ م. ڊوڙائڻ. ڊوڙ ۾ وهڻ ڀڄائڻ. شڪست ڏيئي ڀڄئي هنائڻ. برغلائي ڪٺي وڃڻ (پرائي عورت).

ڀڄائِڻُ؛ م. پسائڻ. آلو ڪرڻ.

ڀَـجَنُ؛ ذ (سن. ڀَجن) ڌرمي پاٺ پوڄا جو گيت (جيڪو ديوتائن جي ساراهہ ۾ هجي).

پڇن پاوَ: ذ. پاٺ پوڄا.

پَڄَڻُ: م. ڊوڙ پائڻ. تکو ڊوڙڻ. ڀڄي وڃڻ. پٺ ڏيڻ (لڙائي ۾). ڀڄي پوڻ. ٽُڪر ٿيڻ.

پَڄڻو: ص. ڀاڄوڪڙ. ڀوسڙُو. ڀڄڻو- ٺهڻو. پُٺي ڏيندڙ (جنگ ۾).

پِڄَڻُ: م. پَسڻ. نرم ٿيڻ. ٺرڻ (دل). رات.

ڀُڄَڻُ: م. سڪي ۾ رڌجڻ (گوشت). تِڙڪڻ (ٿلا).

ڀَڄَ: ث. ڀڄڻ جو عمل. ڌاڍي مارَ. وَٽُ (نوڙيءَ کي).

ڀَڄَ ڏيڻ: ڌاڍي مار ڏيڻ- ڀڄَ ڪڍڻ.

ڀَڄَ اَپٽَ: ث. رياضي ۾ ڪن انگن جي ضرب جو ٺهيو عدد جنهن تي اهي انگ ونڊجي سگهجن.

ڀَڄائِڻُ: م. ٽُڪر ڪرائڻ. ڀورائڻ. کُليو ڪرائڻ (رپيو). ڀَنائڻ (ريزگاري). وٽائڻ (رسو).

ڀَڄڪَڙِي: ث. خلاف ورزي- انحرافي (وعدي، اصول ۽ قاعدي جي). اٽڪ- رنڊڪ.

ڀَڄَ گهڙَ: ث. ڀڃي وري ٺاهڻ جو عمل. ڀاهه ڊوهه. ڀڃ گهڙ. جوڙجڪ.

ڀَڃَڻُ: م (سن. ڀَنجن) ڀورڻ- ٽُڪر ڪرڻ. سَلڻ (ڳجهارت). حل ڪرڻ (حساب). اورانگهڻ (قاعدو).

ڀَڃِڻي: ث. سَلِڻي (ڳجهارت). واٽ (حساب جي).

ڀَڃي مارڻ: سخت شڪست ڏيڻ. اٿلائي پٿلائي مارڻ (مقابلي ۾).

ڀُڃَڻُ: م. رڌڻ (گيهه ۾). گوشت وغيره کي گيهه ۽ مصالحي ۾ پڪو ڪرڻ. واريءَ ۾ ڀڃائڻ (چڻا، مڪئي).

ڀُڃِڻي: ث. گوشت ڀاڄي وغيره کي گيهه ۾ رڌڻ.

ڀُڄَ: ذ. وارن جو مُڇ- ٻڄَ.

پڇائِڻُ: م. سَنڌ سَنڌ سان ملائڻ. ٻن هڪجهڙين شين جي پيٺ ڪرڻ.

پڇَڻُ: م. دٻجڻ- سوڙهو ٿيڻ. ملي اچڻ- ٺهڪي اچڻ. ڪپڻ. قابو ٿيڻ. پوريءَ طرح ڳنڍجڻ.

ڀِڏُ: ذ. سُڪل سڙيل گاهه يا آن. ڀُهه ڀُوسو. (ص) ڀُرالو- سڙيل.

ڀَڏِرِ: ث. چيلهه سان مليل چنگهه وارو هڏو- ڍاڪ.

ڀَڏو: ذ. ٿنڀ واهه يا ڪڙيي جو ترو. ڀُرائي واهه يا ڪڙيي جو سُڪل پيٽ- ڊورو.

ڀَڏو: ص. جنهن کي ڏند نه هجن. ڏندن ڀڳو- ڦڏو.

ڀِڏا ڪم: ذ. جڏا ڪم. بي فائدا ڪم. اونڌا ڪم.

ڀِڏِي: ث. جانيي جي ڦرين جا ٽوٽڙ. ٽِرن جي ٿُهي.

ڀَرَ: ث. ويم جا ڪوڙا سُورَ. آن ڀَرڻ جو عمل.

ڀَرَ ڀَرڻ: ڪوڙ هٿي برغلائڻ. ڪَن ڀرڻ.

ڀَرِ: ث. ڪَپُ- ڪَپرُ. ڪنارو- ڪنڌي. پاسو- طرف. ويجهائي.

ڀَرِ پاسي: ظ. ويجهو- پاسي ۾. اوسي پاسي.

ڀَرُ: ذ. زور- سَتُ. ٻَلُ. آڌر- ٽيڪ. مدد.

ڀَرُ سَهڻ: بار سهڻ. زور جهلڻ.

ڀَراءُ: ذ. مِٽي، واري، ڀَنجهُو وغيره (ڪَڏ کي ڀرڻ لاءِ). چاڙهه (پاڻي جو). ڳوڻ وغيره ڀرڻ جو عمل.

ڀراءُ وجهڻ: هيٺاهين جاءِ کي مٽي وغيره سان ڀرڻ.

ڀَرائِڻُ: م. لٽائڻ (ڪَڏ، ٽانءَ وغيره). وٺڻ (عيوض، ڏنڊ). ماپائڻ. (آن).

ڀَرتُ، ڀَرتُ: ذ. سُٽ يا پَٽ سان ڪپڙي تي گلڪاري (قسم: هُرمچ، ڀڳڙو، نوپيٽيو، مُڪو، چنڊ، چڪرو، ڪتڙو، ڦُل، بغدادي، مفيلي وغيره).

ڀَرتيارَ: ث. ڀرت ڀريندڙ عورت.

ڀرتو: ذ. واڱڻ، پٽاٽي وغيره کي چُلهه جي ڪِر ۾ ڀڃائي ڇِٽي ٺاهيل چٽني- ڀورتو.

ڀَرتُو: ص. ڀَريل. بار سان لڏيل.

ڀَرتِي: ث. ڀَرڻ جو عمل. ڀَراءُ. آڦري. داخلا (فوج،

پوليس يا ڪنهن ڪارخاني ۾).
پَرتي ڪرڻ: ڪورڪي اصطلاح ۾ تاجيءَ کي هڪ هڪ تند ڪري اوزار ۾ ڦليءَ مان لنگهائڻ.
پُرتُ: ذ. گاه ۽ ول جو هڪ قسم. (ص) ڪاٺو.
پُرگڻُ: م. جهٽ پٽ ڪاٺي ڪپائڻ. ڏندن سان پورڻ.
پَرپَ: ث. اَنّ يا داڻن واري ڪنهن ٻـ جنس جي پَرڻ يا مَٿڻ جو عمل. تڪ تور– ويچار.
پَرپُور: ص. چڱيءَ طرح سان پريل. مڪمل.
پَرجَڻُ: م. پرپور ٿيڻ. گندگيءَ وغيره ۾ لِتڄڻ. ڀاپجڻ (ڪاڏي يا پٺسي ۾). سهڪڻ (گهوڙو).
پرجي اچڻ: پُڄي اچڻ (وقت). پڇي اچڻ (حساب). چڙهي اچڻ (ڪڪر). تري اچڻ (خيال).
پرَجهَلو: ذ. آثار– نيڪ. سهارو. ڏي. حمايتي.
پَرڙاٽُ: ذ. پکيءَ جي اُڏامڻ جو زوراٽتو آواز.
پُرڪَٽُ، پُرڪُٽُ: ذ. ڪاٺين جا سنها چينيا– پُراڻي لوڙهي جون ڪاٺيون (جيڪي باهه ٻارڻ ۾ ڪم اچن).
پرڪِڻِي: ث (سن) پرُون.
پَرڪَڙ: ث. ڏکڻ– اولهه جي هوا (اونهاري ۾ لڳي).
پرڪو: ذ. ٽائو– وقت. مهل. پيرو– دنمو– گهمرو.
پَرَمُ: ذ. پَت– ساک. لڄ– شرم. آبرو. ننگ ناموس.
پرمُ: ذ (سن) وهم– وسوسو. شڪ.
پرمائِڻُ: م. حرصائڻ– لالچائڻ. ويساهڻ. پرِيائڻ. پرچائڻ– ريجهائڻ.
پَرَڻُ، پَرِڻُ: م (سن) خالي (جاءِ، ڪڏ، ٿانءَ وغيره) پُر ڪرڻ. پيٽ ۾ وجهڻ (ڪاٺو). مَٿڻ (اَن). لتڙڻ (گند سان). ڪٺڻ (قدم). ادائگي ڪرڻ (رقم جي). وجهڻ (ڪارتوس). ڏيڻ (ڀل. ڏنب). پڙڪائڻ. پرت ڪرڻ.
پَري وڃائڻ: دهل يا ڪنهن ساز کي پوريءَ طرح وڃائڻ.
پِرَڻُ: م (سن) ڦِرڻ. موٽڻ– ورڻ. ٻيهر. پيرو ڪرڻ.

پِرَڻُ: م. پور ٿيڻ. ڏِري ذرا ٿيڻ. خرچ ڪرڻ.
پَرلو: ذ. ڪورين جي اصطلاح ۾ تاجيءَ جي ٻاٻين ۾ پونڊڙ تڙو. جنّ پيل ماڻهو جو آستان (جتي هو ويهي اڳڪتيون ڪري).
پَرلو وجهائڻ: لڳت واري ماڻهو تي سَرود يا جاڳر وجهائڻ. قسمت جو حال معلوم ڪرڻ.
پرلو: ذ. هَني جو مُنيو. پاڪڙي جي چوٽي.
پُرلو: ذ. سنهڙن پنن وارو پاڻيءَ جو گاهه (مڇي ڪاڻي).
پرلي: ث. ڦِرلي– چرخي. پَولي.
پَروُلو: ذ. ٿوري وڏي پري (گاهه. ڪاٺين وغيره جي جا متي تي ٻڌجي). (ث. پَروِٽي).
پروٽو: ذ. پرُونءَ وارو هڏو. ٿُلهو پرُون.
پَرَوسو: ذ. اعتبار. ڏي. سانگو. پت– ساک. آسرو.
پروُڻ: ذ. (سن) اک جي مٿان ڪمان وانگر وار.
پَري: ث. ڪاٺين. گاهه. اَنّ وغيره جي وڏي پروٽي (جا متي تي کڻجي). وڏي هَرَ جو بوجو. متي جو بار.
پَري مزوري: ث. پورهيو پنڌ. مزوري وارو پورهيو. گذران جيترو پورهيو.
پَريا مَهينا: ذ. (عورت کي) ٻار ڄمڻ جا پُورا مهينا.
پَريَلُ: پُر ٿيل. تار ٿيل (ٿانءَ، واهه وغيره). (ظ) بدن ۾ ٿلهو متارو. سکيو ساڻو (گهر).
پَڙُ: ص. آزمودگار– تجربيڪار. قابل. ماهر. سورهيه.
پَڙائِڻُ: م. همت ڏيارڻ. مدد ڪرڻ. سات ڏيڻ.
پڙائِڻُ: م. گڏائڻ. مِلائڻ. ملاقات ڪرائڻ.
پَڙ پانگُ: ص. غيرآباد– ويران. برباد.
پَڙڪائِڻُ: م. هوا سان باهه کي تيز ڪرڻ. مچ مچائڻ. ڪاوڙائڻ. برغلائڻ.
پَڙڪَڻُ: م. پَڙڪا ڪري ٻرڻ (باهه). پڙڪو ڪاٺي اُٿامڻ.
پڙڪو: ذ. باهه جو پيڙ. جوش. اُٻل (پکيءَ جي).

چِرڪُ. (ث. پَڙڪِي).
پَڙگُ: ذ. باهہَ جو پيڙ- مَچُ. ألي جو شُهاٹو. ڄيي.
(ص) پڙ- هوشيار.
پڙڻُ: م. پيڙو ٿيڻ- ملڻ- گڏجڻ. پچڻ- لهڪي اچڻ.
پڙو: ذ. وڏو دڙو. پُراڻي ٿَلُ [شهر، قلعي، مقام، جاءِ) جو دڙو. ڳَنڍ (سُٽ جي تند ۾). (ث. پِڙِي).
پڙوتِ: ث. ڪسب جي ڪمائي- ڪُٽَيو- ٻاڙِ.
پڙوو: ذ. پڙوت ڪندڙ. ڪُٽَڻ، دَلو، ڏُوتو، بد پيشي واري ڪمائي تي گذر ڪندڙ. (ث. پَڙوِي).
پسم: ث (سن. پسمن) رک- ڇار- ڦلهيار- پيُوت.
پسم ٿيڻ: سڙي رک ٿيڻ.
پڪَ : ثَ. وڏي واهہ يا درياءَ جي ڪپر واري پيڙ (جا پاڻيءَ جي ڪاڻ سبب ڪِري). ڪنڌي- ڪپر- پَرِ.
پُڪائڻُ: م. زور سان هڻڻ . ٺهڪائڻ.
پُڪَ ڳنگهہِ: ث. سُڪي ڪنگهہ (جنهن ۾ بلغم نہ اُٿڙي).
پَڪلڻُ: م. پَرڻ (مٽيءَ ۾). لوٽڻ.
پُڪو: ذ. پورُ- ٽُڪر. ذرو.
پُڪا ٿيڻ: ذرا ذرا ٿيڻ- پور پور ٿيڻ.
پڪوڙڻُ: م. ٻن شين جي وچ ۾ آڻي ڇپڻ. ڇيپاڻڻ. پيڪڙ ۾ آڻي پيهاڻڻ.
پڳتِ: ث. پڳتي. پوڄا جا ڀڄن ڀاوَ. راڳ ناچ جي هڪ خاص مجلس (جنهن ۾ پڳت نچن ڳائين).
پڳتِ وجهڻ: ماڻهن کي گڏ ڪرڻ. تماشو لڳائڻ.
پڳتُ: ص. پڳتي ڪندڙ. پوڄاري. بندگيءَ جا ڀڄن ڳائيندڙ. سادي سياءَوارو.
پڳتَرَ: ث. ڪُتِ ۽ ميڙ.
پڳتِي: ث. هڪ ڌڻيءَ جي بندگي ڪرڻ وارو عقيدو. ترمي ڀڄن يا راڳ.

پڳڙا: ذ. پڳل ڇٽا.
پڳڙو: ذ. پڳل ڇٽو. پرت جو هڪ نمونو.
پڳڙو ۾ ڦاڙون: هڪ جهڙي ورهاست. ورهاست ۾ هڪجهڙو حصو.
پڳلُ: ص. (پر يگ، سن. پنج) ٿُٺل. حل ٿيل (حساب، ڳجهارت). پچي ويل.
پڳلُ: ص. پُسيلِ- آلو.
پڳلُ: ص. گيهہ ۾ رڌل. پُجٽي ڏنل.
پڳوان: ص. گيڙوءَ رَتا ڪپڙا (جوڳي فقير پائين).
پڳوانُ: ذ (سن) ڌڻي. ايشور- مالڪ.
پڳي: ث. مٽرن جون رڌل ڦريون- ڏڏڙي.
پَلَ: ص. تمام پَلِي (گهوڙي). پَلِي - سُٺي.
پَلِ: ظ (ف.بلي) پَلي- خوشيءَ سان.
پَلُ: ص. سُٺو. تمام پلو (گهوڙو، اُٺ). تکو (وهٽ). زمين جو پليءَ پوک وارو زور. نفعو. فائدو. اثر.
پَل ڪُليرو: ص. پهلوان- سورهيہ.
پِلَ: ث. اها مينهن جنهن جا سِڱَ هيٺ تي وريل هجن.
پُلَ: ث. چُڪ- غلطي. خطا. ڀولو.
پَلا پائِي: ث. هاڪ ڌاڪ. نالو ناموس.
پَلاه پَلِي: ث. پلـيءَ کـان بــ پَلِي. اوج. تـرقـي. ڪماليت.
پَلارو: ص. پلائي ڪندڙ. بزرگ- نيڪ. سڳورو. (ث. پلارِي).
پَلاوَتو: ص. ڪنهن واپاري طرفان ڏيساور ۾ مال خريد ڪندڙ ۽ وڪڻندڙ. آڙتيو.ڳماشتو.
پَلائِڻُ: م. پلائي ڪرڻ. پاڻ موکڻ.
پُلائِڻُ: م. منجهائڻ. گمراه ڪرڻ. وساهڻ. ڀنيلائڻ. وسارڻ.
پَلائي: ث. بهتري- چڱائي. مهرباني. نيڪي. احسان-

تورو.

ٻُلجڻُ: م. مُنجهڻ. گمراھ ٿيڻ. غلطي ڪرڻ. ٻنيلجڻ. وسرڻ.

ٻلڙو: ص. ٿلهڙو. ڪومايل (مُنهن). ڪُنڙو.

ٻَلسَرو: ذ. ٻليءَ پوک وارو زمين ٽڪر.

ٻُلڪارَ: ث. گمراهي- مُونجهہ. خوف. ڌڪاءُ. سختي. مصيبت.

ٻَلمانسُ: ذ. چڱو ماڻهو. سڪر ماڻهو. شريف ماڻهو. نيڪ شخص.

ٻُلنامو: ذ. چُڪن جي ياداشت (جا ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ شامل ڪجي).

ٻُلڻُ: م. ٻلجڻ،منجهڻ. ٻُل ڪرڻ- غلطي ڪرڻ. وسرڻ. ٻنيلجڻ.

ٻَلو: ص. چڱو- سنو. نيڪ- ڀلارو. سنو سهڻو. سڪر (ماڻهو). ٽِڪو (وهٽ). (ث.ٻَلي).

ٻَلو ٻَلو: ندا. واه واه! آفرين! (تحسين توڙي تنبيهہ خاطر هي الفاظ ڪم اچن).

ٻَلو سُونهارو: ذ. قرآن شريف.

ٻلو ڪم: چڱو خير جهڙو ڪم.

ٻَلو ميان!: ڪاني ڳائڻ ۾ پراءِ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ.

ٻلو: ص. ٿلهڙو- ٻلڙو. ڊنل- هيسيل. ڪُونڙو (مُنهن).

ٻَلوڙُ: ص. ڀنڊ جو ٽڪو (وهٽ).

ٻَلي، ٻَليهہ: ظ (ف. بلي) ٻل- بيشڪ. سدا. ٻَڪ.

ٻَلي آئين: مرحبائي جملو. جيءُ آئين- ڀليُ آئين.

ٻَلي: ث. ڀلائي- چڱائي- مهرباني. (ص) چڱي- سني. گهڻي کير واري (ڳئون، مينهن، ٻڪري).

ٻَليءَ ٻَتِ: ظ. چڱيءَ ريت- چڱيءَ طرح.

ٻَلي ڪرڻ: چڱائي ڪرڻ. ڀڪي جو. ڪم ڪرڻ.

ٻَلِيارَ: ث. ٻَلي زمين. زور واري زمين.

ٻَليڪارَ: ث. خوش ڪيڪار- آثر ڀاءُ - مرحبا.

ٻَنَ: ذ. اڳاٺي ٺٽل شهر جا پراڻا آثار- کنڊر.

ٻَنُ: ذ. وڏو ڄارُ (مڇي ڦاسائڻ لاءِ)- رَڇُ.

ٻنبَ: ث. تمام گهڻي اوندهہ- گهٽگهہ انڌارو.

ٻَنيا: ص. سُهڻا ڪارا (وار). گهاٽا ڪارا (وار). ڪارا گهنڊيدار (وار).

ٻَنيَتُ: ذ. وڏو مَڇُ- ٻَيَڙُ. (ص) بيوقوف.

ٻنيرڪو، ٻنيراڪو: ذ. اوائلي پرڀات وارو وقت (جنهن ۾ اڃا ڪجهہ اوندهہ هجي). وڏي پرڀات.

ٻنيلائِڻُ: م. ڀرغلائڻ. گمراھ ڪرڻ. وساهڻ.

ٻَنيلجَڻُ: م. ٻلجڻ. گمراھ ٿيڻ. وساهجڻ. ڀٽڪجڻ.

ٻَنيو: ص. ڪارو گهنڊيدار (وار). سهڻو. (ث.ٻَني) .

ٻَني ڏاڙهي: ث. سهڻي ڪاري ڏاڙهي.

ٻَنيُو: ص. حيران.عجب ۾ پيل- وايون ٻتال. بيوقوف.

ٻَنيُوري، ٻَنيُورِي: ث. برسات جي موسم ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ قسم جو اُڏامندڙ سهڻو جيت. (ص) سهڻي (عورت). سهڻي ويس واري (عورت). ڪم ڪار ۾ تيز (عورت). ٻير جي سُڪل پلڙي مان ناهيل ڦرڻي.

ٻَنيولَ: ث. عشق جي مستي. محبت جي چريائي.

ٻَنيولجڻ: م. ڏسو "ٻنيلجڻ".

ٻَنجهو: ذ. سُڪي مِٽي. ڪوٽيل مٽي (جيڪا ڀرائي ۾ ڪم اچي). پوک کي پاڻي ڏيڻ کان اڳ واري ڪيڙي. پوک کي ڀريون ڏنل پاڻي.

ٻنجهڙُ ٻنجهڙَ: ذ. اک جي ٻنبڻي. چِنيَرَ. اک ۾ پيل مٽيءَ جو ذرو.

ٻَندُ: ص. ٻَتُ. ڳائي وڄائي خيرات وٺندڙ مڱڻهار. ڳِڪَ- مَجِڏ. (ث. ٻَندِڻ).

ٻَندِي ٻڌڻ: مسلسل گهر ڪندو رهڻ. ڳِڪَ تي پوڻ- مَجِڏ تي لڳڻ. گهٻي ڪرڻ.

پنڊُ: ذ. مٽيءَ جو وڏو پٿرُ.
پَنڊارُ: ذ (سن) سيڌي سامان ۽ ٽانون رکڻ جي جاءِ- توشا خانو.
پَنڊارو: ذ. خيرات خاني يا مندر سان شامل ٻَني، لنگر- پانڊارو.
پَنڊاري: ص. پنڊار سنڀاليندڙ- سيڌي سامان جو رکوالو. لنگر خاني جو بورچي.
پَنڊارِي، پَنڊالڙِي: ث. پٽسن گڏ ڪرڻ لاءِ پٽ ۾ ٺهيل کڏڙِي.
پَنڊَڻُ: ذ. پِٽڪو. روڄ راڙو.
پَنڊِي: ث. "پَنڊ" وارو ڪم. گهپي.
پنڊي پارڻ: "پنڊ" وانگر نـ ڇڏڻ. وري وري ڇوڻ. ڪلڪل مچائڻ. چنبڙي پوڻ.
پَنگَ: ث (سن. پنگا؛ ف. بنگ؛ ع. بَنج) مشهور نشيدار ٻوٽي (جيڪا ڏندي کيوندي ۾ گهوٽي نشي لاءِ پيئن). گهوٽيل پنگ.
پَنگورو، پَنگِي: ص. پنگ پيئندڙ.
پُنگُ: ذ. چوري تي ويل چوپائي مال چوري ٿيل شيءِ جي موٽائڻ جو معاوضو- ڪُڙي.
پَنگِي: ص. حلال خور (جو ڪاڪوس وغيره جي صفائي ڪري). (ث. پنگڻِ، پنگياڻي).
پِنَلُ: ظ. پُسيل- آلو.
پَنَڻُ: ذ. پِٽڪو- ماتام. روڄ راڙو.
پَنوارِي: ث. مٽي جي ٺيري.
پُڻاٽُ: ذ. پڻڪو- جهيڻو آواز.
پُڻِ پُڻِ: ث. چپن ۾ آهستي ڳالهائڻ. پُڻڪاٽ.
پُڻِ جهڻِ: ث. پُڻڪاٽ. جهيڻو ڳالهائڻ.
پُڻڪَ: ث. پُڻڪو. آهستي ڳالهائڻ.
پُڻڪاٽُ: ذ. جهيڻو آواز- پُڻڪو.

پُڻڪو: ذ. جهيڻو آواز. تورو ۽ آهستي ڳالهائڻ.
پُڻڪِڻُ: م. ملڻ. گهمڻ. پِنڪڻ- رلڻ.
پَوُ، پَيْہ: ذ (سن.ڀَيہ) ڊپ- خوف. انديشو.
پَواڻتو: ص. ڊپ وارو- ڀيانڪ- خوفائتو.
پوپَر: ث. پورا ٿيل شيءِ جو ڇورو- پوڙ.
پُوتُ: ذ (سن) هڪ پوائتي خيالي هستي (جنُ، ديو، شر). مئل ماڻهو جو ڀٽڪاريندڙ روح (خيالي صورت).
پوتارُ: ذ. آقا- سائين- مالڪ. وڏيرو. معزز. جيڪب آباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي قومي سردار، وڏيري يا سکر ماڻهو لاءِ استعمال ٿيندڙ خطاب.
پُوتاڙجَڻُ: م. جنَ پوت جي لڳت جو حساب ٿيڻ. بتال ٿيڻ. حواس خطا ٿيڻ. بدحواسي ۾ چِتو ٿيڻ- ڪاوڙجڻ.
پُوتاڙيَلُ: ص. بتال- بدحواس. چِتو. پُورالو.
پوپِ: ث. پوڙهي زال.
پوپو: ذ. جنُ ڪڍڻ لاءِ ٽوڻا ٽيڻا ڪندڙ. پاڙهيٽو- جادو ٽوڻا ڪندڙ. (ث. پوپي).
پوڇَڻُ: ذ (سن) ڪاڄ- ڪاڏو.
پوڏ: ث. تمام پوڙهي عورت.
پورِ: ث. پورا ٿيل شيءِ جو ڇورو- پوير.
پورُ: ذ. پورو- ٽڪرو. ڳيو (مانيءَ جو).
پورَ پورَ: ذ. ٽڪرا ٽڪرا- ڳيا ڳيا.
پُورِ: ث. اڇي رنگ جي پُوري مينهن.
پوراڻي، پوريڙائي: ث. سادگي- اڻ ڄاڻائي.
پوريڙو: ص. ابوجهہ- ڀالو پولو- سادو سودو. عقل جو گهٽ- موڳو. (ث. پوري).
پُورَلُ: ص. پوري رنگ وارو- ڳورو. حسين- سهڻو. معشوق. (ث. پُورَلِ).
پورَڻُ: م. پورا پورا ڪرڻ. ڇُورو ڪرڻ- ڪٽو ڪرڻ.

پورڙو: ص. پُرندڙ- پُرلو.

پورو: ذ. ٽُڪر. ڳيو (ماني جو). ذرو. چرخو- ايٽ. ڳجهه- راز.

پورو پچڻ: پرولي سلڻ. راز ظاهر ڪرڻ.

پُورو: ص. اڇو- سفـيـد- ڳورو. اڇي چمڙي وارو (ماڻهو). گورو (انگريز). حسين- سهڻو (ث. پُوري).

پوري: ث. مشهور پکي- بُلبل. چُوري- ڪُٽي. (ص) ابوجهه. وسوڙل. موڳي.

پُوري: ث. اڇي رنگ تي مائل- ڳوري. انگريز عورت- منڊم. چينيءَ جي گُڏي- ٻالي. اڇي رنگ جي مينهن.

پُوش: ص. وحشي. ٻوزان. جهنگلي.

پُوڪ: ذ. ساڻي بصر جي وچ ۾ (گُل جهلڻ لاءِ) گول ڏانڊي. (ص) احمق- بيوقوف.

پُوڪَر: ث. چپن جو آواز.

پوڳ: ذ. چرچو- مسخري. تماشو.

پوڳائي: ص. چرچائي- مسخرو.

پوڳي: ص. پوڳيندڙ. جيءَ کي جفا ڏيندڙ.

پوڳڙي: ص. پڳڙا پُچيندڙ.

پوڳڻُ. پوڳڻُ: م. سهڻ. ملڻ (خراب ڪم جو نتيجو). لوڙڻ.

پوڳهڙو: ذ. گيهه ۾ ڪٽڪ. ڪوُنر. باداميون. مصري وغيره مان ٺهيل خوراڪ. پڳل ڪاٺو.

پولُ: ذ (پرا. پُلَ) پُل چُڪ. غلطي. ويسر. گمان.

پولڙو: ذ. مشهور جهنگلي جانور (ث. پولڙي).

پولڙو بنائڻ: بيوقوف بنائڻ. پولڙي وانگر نچائڻ.

پولو. پولُو: ذ. پولڙو. (ث. پولِي).

پولو: ذ. پُل چُڪ- غلطي. رولو (ليکي ۾). گمان. وهم.

پولِي: ث. اڇي رنگ جي مينهن (اڪيون شيريون).

پُومبيو: ص. پُونءِ جو رهاڪو. سُونهون- واقف.

پُون. پُونءِ: ث (سن. پُوم) زمين- ڌرتي. ايراضي. مٽي- خاڪ. ماڳ.

پُونهاڙو: ذ.واريل پٽ جو پاڙو. پَٽ جي مسواڙ.

پُونيٽ: ذ. ڦرڻيءَ يا لاٽون جو. زور سان ڦرڻ جو آواز.

پُون پُون: ث. مکين. مچرن. ڏينين وغيره جيتن جي اُڏامڻ جو اواز.

پونترو: ذ. ماحول- وايو منڊل.

پُونڊڻ: ث. مادي سُوئر.

پُونڊو: ذ. هٿ جون پنجئي آڱريون کولي مُنهن سامهون جهلڻ (بيعزتي ۽ نفرت جي نشاني)- ٻُجو.

پَوُنرُ: ذ. اُڏامندڙ ڪارو جيت (گُلن مٿان پيرا ڏئي، سُڪل ڪاٺ کي سوراخ ڪري ڪاٽي).

پَوُنرڪلي: ث. ٻارن جي لُڏڻ لاءِ ڦيري واري پينگهه- چيڪلو. ڪُتي. ڪُڪڙ وغيره جي پير يا ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ لاءِ لوهي چلي واري رسي.

پَوُنري: ث. ڦيري- پنواٽي. سوداءُ- خفقان. مغز ۾ وڏائي وارو واءُ. نراڙ تي وارن جي گول گهنڊي.

پَوُنريءَ ڪاڏو: ص. خفقاني- سودائي. مغرور.

پُونلوڙ: ز. ڪُنيءَ جو هڪ قسم.

پَوُنڪ: ث. ڪُتي جي ٻَهڪ. اجائي بڪي.

پَوُنڪڻ: م. ڪُتي جو ٻَهڻ- پَوُن پوُن ڪرڻ. زور سان اڻ وڻندو ڳالهائڻ- ٻَڪڻ.

پُونگري: ث. تماڪ ڇڪڻ لاءِ نڪر جي سُلفي.

پُونگو: ذ (ف. پُنگه) ڪچو ڪڪائون گهر. جهُڳو- جهُوپو. (ث. پُونگي).

پُوهِ. پُوهي: ث. ڦرڻي- گرڻي (جنهن جي مٿان ورت چاڙهي کوهه مان پاڻي ڪڍجي)- چرخي.

پي: حرف جملو. ٻه- پڻ.

ڀَياٽڪُ؛ ص. ٻيهارينڌڙ- خوفائتو- هَيبتناڪ.
پيتِ؛ ث. خصلت- ٽَرِءِ- عادت. روش- چال.
ڀِيتِي؛ ث. لالچ- لب. ڪاڏي وغيره جي شيءِ (جا ٻلبل کي ڏيکاري هرڪائجي). لالچائيندڙ لقمو.
پيٽَ؛ ث. مشابهت- هڪجهڙائي. برابري. مقابلو. قرباني- نذرانو.
پيٽا؛ ث. نذرانو- ڏکڻا.
پيٽڻُ، پيٽِڻُ؛ م. پيٽ ڪرڻ- مشابهت ڪرڻ. برابري ڪرڻ. چڪاسڻ. ملائڻ- ٽَهڪائڻ. پرکڻ. تفاوت لهڻ. زيارت ڪرڻ. پيٽا ڏيڻ. نذرانو ڏيڻ.
پيٿو؛ ص. پڙوو- دلو.
پيڄ؛ ث. پڄڻ- آلاڻ. رات جو اهو حصو جنهن ۾ ماڪ سبب ٺڏڪار محسوس ٿئي. اسر جو وقت- پريات.
پيڄ پٽي؛ ث. پرهه ڦٽي جو وقت- پڇل رات.
پيڄ مولِي؛ ندا. اي مولا سائين مِينهن کي موڪل.
پيڄَ؛ ث. پيٽ- برابري. هڪجهڙائي.
پيڇي؛ ص. پڇي اينـدڙ (ساٿي). ساٿي- ڏوڙي (راند ۾).
پيدُ؛ ذ (سن) انت- راز- ڳجهه. فرق. ٻيائِي. ويڇو.
پيدِي؛ ص. رازدان. حال محرم. ڳجهه کان واقف.
پيڏِي؛ ث. ڪَرائي جو ٻاهر نڪتل هڏو. پير جي مُريي جو هڏو.
پيڏي هڻڻ؛ تور ۾ ساميءَ جي ڪاني سان ڪرائي لائڻ (جئن ڪانو مٿي ڪجي ۽ شيءِ گهٽ تُري). تور ۾ ٺڳي ڪرڻ. وهنوار ۾ ڪپت ڪرڻ.
پيرِ؛ ث. ٺامي جو وڏو نغارو (جيڪو درگاهن تي نوبت وڄائڻ جي ڪم اچي).
پير تي ڏونڪو؛ نغاري جي چوٽ تي اعلان. جنگ جو ڄاڻُ.

پيڙُ؛ ذ. وَڙُ- ڦيرو. پنکي جو وڙُ ڪڻ جو ڦيرو. نمونو- ٻول.
پيرَمُ؛ ذ (سن. پـرَمِ) ايت- چرخو. (ف) سوٽي يا ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم.
پيرَڻُ، پيرِڻُ؛ م (سن. پرم) ڦيرڻ- گهمائڻ (چرخو). وراڻي ڪو ڪم ڪرڻ.
پيرو؛ ذ. ڦيرو- چڪر. دفمو- گهمرو. وارو.
پيرو ڏيڻ؛ ملاقات لاءِ وري اچڻ. دور ڪرڻ (سبق جو). ياد ڪرڻ لاءِ وري وري پڙهڻ.
پيروِي؛ ث. هڪ راڳڻيءَ جو نالو
پيڙَ؛ ث. پڪوڙ- چِپَ. سوڙهه. ماڻهن جو هجوم- ميڙ. ڳپا ڳيهه.
پيڙَڻُ، پيڙِڻُ؛ م. زور سان بند ڪرڻ (مٿ. دروازو وغيره). پچائڻ. سوڙهو ڪرڻ. گهٽڻ. سختي ڪرڻ. سيڪت ڏيڻ.
پيڙو؛ ظ. گڏ- ساڻ. همراه- پِٽ. لاڳو. (ث. پيڙي).
پيڙو ڪرڻ؛ گڏ ڪرڻ- ساڻ ڪرڻ. ويجهو ڪرڻ. پاڻ سان همراه ڪرڻ.
پيڙو؛ ذ. زور سان دٻاءُ. اشڪنجو.
پيڙو چاڙهڻ؛ دٻاءُ وجهڻ. آڪيڙو. سختي ڪرڻ.
پيڙوَن؛ ث. هٿن جا زور (ٿڪ لاهڻ لاءِ ٽنگن ۽ ٻانهن کي مُٺيون هڻڻ).
پڪوڙَ؛ ث. ٻن پاسن جو دٻاءُ- ٻه طرفي چِپَ.
پيلَ؛ ث. چوپائي مال جي پوک ۾ ڪاڏ ۽ لتاڙ. ٻنيءَ ۾ بنا روڪ جي مال جو عام جام چرڻ- پيلاڙو.
پيل ڪرائڻ؛ ٻنيءَ ۾ مال ڇڏي پوک زيان ڪرائڻ.
پيلاڙو؛ ذ. اُها پوک جا فصل ڪٽڻ بعد مال جي چَرڻ لاءِ ڇڏيل هجي. اهو باغ جنهن مان ميوو پٽڻ بعد رهيل ميوي کي پٽڻ جي موڪل هجي.

پيلڻُ: م. جانورن جو فصل کي ڪاٽي نقصان پهچائڻ. فصل ڪائڻ ۽ لتاڙڻ. ملڪ پيرن هيٺان ڪرڻ.

پيلو: ص (سن. پيل) اڌ پڪو- ڪچو. آنڪو (ٽانءُ).

پيمُ: ذ. ڊپ- خوف. لشڪر- حملو. ڪامر- شهتير. پهلوان. سگهارو.

پينيا: ذ. ميز (مڪيءَ جا).

پينڊي: ث. مٽي تي نراڙ وٽان ٻڌڻ لاءِ ڪپڙي جي پٽي (خصوصا مٽي ۾ تيل وجهڻ يا ڪيس لائڻ بعد). وارن جي حفاظ لاءِ رومال يا ڪپڙي ٽڪر مٿي تي ٻڌڻ. أها ڳنڍ جا رنگريز ڪپڙي رڱڻ وقت ڏين (جنن انهي هند رڱ نہ چڙهي). ٻانڌڻي جي ڇٽ لاءِ سڳي سان ٻڌل ڳنڍ. ٻاجهيءَ جو قسم- ڪاٺ توري.

پينٽر: ث. آديون- پيٽون.

پينگَ: ث. اُجاڙ- سُڃ- ويراني.

پينگيو: ص. سُڃو. سڪٽو. ڪنگال.

پيهُ: ث. آدي. جيڏي- سرتي.

پيٺويو. پيٺايو: ص. پيڻ جو مڙس.

پيٺي: ث (سن. پونيہ) جاءِ- ٺاڪُ. زمين- پُونءِ. ماڳ- مڪان. حَد. ڪنڌي. وسيلو.

پُيو: ذ. ٻول- ڊنگ. پيد- ڳجهہ.

ٽ

ٽ: ث (ع.ف) سنڌي الف - ب جو پنجون اکر. اُچار "تي". ابجد موجب عدد (٤٠٠).

تہ: ذ . گرامر موجب اسم. فعل. صفت. ظرف ۽ حرف جر تفسير ڏيکاريندڙ حرف.

تہ بہ: حرف جملو. تنهن هوندي بہ - تڏهن بہ.

تابُ: ذ (ف) روشني. چمڪو. جلوو. تپت. دهشت. داب دڙڪو. مجال - طاقت.

تاباني: ث. روشني. چمڪو. نُور. جلوو.

تابدار: ص. چمڪندڙ. روشن. پيچدار.

تابان: ص. برباد. أجڙ.

تابش، تاپش ث (ف) گرمي - تاءُ. ڪاوڙ. حشمت.

تابعُ :ص. (ع)فرمانبردار. مطيع. معتقد. پوئلڳ. هٿ هيٺ - حڪم ۾. ماتحت.

تابعدار: ص. حڪم جي پيروي ڪندڙ - فرمانبردار.

تابعداري : ث . اطاعت. فرمانبرداري. حڪم مڃڻ.

تابندَه : ص (ف) روشن - چمڪندڙ.

تابُوتُ : ذ (ع) لاش رکڻ جي صندوق. مصنوعي تربت (جا حضرت امام حسين جي شهادت جي يادگيريءَ ۾ عاشورن ۾ گهمائيندا آهن)- تعزيو.

تابينو: ذ (ع) تابعداري - فرمانبرداري.

تابيني ۾ بيهڻ : خذمت چاڪريءَ ۾ بيهڻ.

تاتِ: ث. پرورش. پرگهور - سنڀال. پچار- اڻ تڻ.

تاتِ پوڻ : طلب ٿيڻ. ڳڻيءَ ۾ پوڻ.

تاتپَرجُ : ذ (سن) مطلب - معني. اختصار - تتُ. وچور.

تاتڻُ : م (ع. طاعه) سنڀالڻ - پرگهور لهڻ. پالڻ - نپائڻ. ڪارائي پياري وڏو ڪرڻ.

تاثر: ذ (ع) اثر. (جمع - تاثرات)

تاثيرُ : ذ (ع) اثر. خاصيت. ڪيميائي رد عمل.

تاپيلو : ذ. ويڪري مُنهن وارو هنديو.

تاجُ : ذ (ع.ف) بادشاهي دستار - ڇَٽُ - مُنگهٽ. ڪُلاه (صوفين جو اصطلاح). پکيءَ جي چوٽي- موڙ.

تاجپوشي : ث. بادشاهہ کي تاج ڍڪائڻ جي رسم.

تاجِدارُ: ص. تاج وارو. بادشاهہ. پڳدارُ.

تاجِرُ: ص. (ع) واپاريءَ . سوداگر.

تاڄي: ث (ف.تانه) اڻاوت لاءِ ڏيگهہ ۾ تندن جو پٽو (جنهن جي ٻر ۾ پيٽي جون تندون پون).

تاڄي پيٽو: ذ. اڻاوت جي ڏيگهہ ۽ ٻر واريون تندون.

تاڄي ڪڍڻ: گهٽي اچ وڃ ڪرڻ. ذري ذري اچڻ.

تاخِير: ث (ع) دير. اوير.

تاديبَ: ث (ع) ادبي سکيا. اصلاح- سنوار.

تاڏو: ص. ڏنگو - ڦِڏو. ترڇو. (ث. تاڏِي).

تارَ: ث. (ف) ڌاتوءَ جي سنهڙي تند. سُٽ پَٽ جي تند - ڌاڳو. ساز جي تند. سِڪ - لَنءُ (محبت جي). يادگيري. تار وسيلي موڪيل پيغام - تيليگرام.

تار تار ڪرڻ: تندون تندون ڪرڻ (ڪپڙو). ليڙون ليڙون ڪرڻ.

تارڪَش: ذ. سون يا چانديءَ جي تار کي ڇڪي سنهڙو ڪندڙ اوزار.

تار ڪَشِي: ث. ڀرت جو هڪ نمونو - چڪمدوزي (ڪپڙي ۾ تندن کي ڇڪي گل ڦل بنائڻ).

تارَ گهرُ: ذ. تار ذريعي پيغام موڪلڻ جو ادارو.

تارُ: ذ (ف) ماڻهوءَ جي مٿي يا قد کان اونهو (پاڻي). . ڀرپور (درياءَ وغيره). (سن) وڄت جو گُر.

.**تار ترڻ:** اونهي اجهاڳ پاڻي مان ترڻ. مشڪل مان پار پوڻ. ڏکيو لانگهو لنگهڻ.

تار مَڪانُ: ذ. ڳائڻ ۾ آواز ۽ آلاپ سان ساز جي همنوا وڄت. سُرتار.

تاراج: ذ (ف) ڦُرلُٽ. بربادي يا تباهي جي حالت. (ص) تباه - برباد. ويران.

تارازو: ذ. ساهميءَ جي پُڙ کي جهلڻ جو ڏورو (عام طرح پُڙ ۾ ٽي تارازا ٻڌن). لغڙ جي آنڇيءَ ۾ ٻڌل ٽمڪندو تاڳو.

تارازِي: ث (ف. ترازُو) ساهمي.

تارِچُ : ذ (سن. تاتپريہ) ڀوتاميل. اختصار.

تارِڪُ: ص (ع) دنيا کي ترڪ ڪندڙ. الله لوڪ.

تارڪ الدُنيا: ص. جنهن دنيوي معاملات کي ترڪ ڪري ڇڏيو هجي. گوشہ نشين.

تارَڻُ. تارِڻُ: م (سن) پاڻي تي هلائڻ. پاڻيءَ مان پار اُڪارڻ. صاف ڪرڻ (انُ وغيره).

تارڻهارُ: ص. تاريندڙ. ٻڏڻ کان بچائيندڙ. پار اُڪاريندڙ (مصيبت مان). ڌڻي تعاليٰ.

تارو: ذ (سن) چمڪندڙ آسماني جسم (هي جسم خود روشن آهي ۽ آسمان ۾ ٽمڪندو نظر ايندو آهي) - سِتارو - نجم. هڪ خيالي نحس تارو (جنهن لاءِ عام خيال تہ جنهن طرف هوندو ان طرف وڃڻ سان نقصان ٿيندو). اک جو تارو.

تارا ٽمڪائڻ: اکيون ٽمڪائڻ (مايوسي مان). نماڻائي مان ڏسڻ.

تارا ڦوٽارڻ: ڪاوڙ مان ڏسڻ - اکيون ڪڍڻ. ڪاوڙ مان گهُور سان ڏسڻ.

تارو ڦِيرو ٿيڻ: بخت جي ستاري جي پٺ ڏيڻ. بدبختي اچڻ.

تارُو: ص. جو پاڻي ۾ تري سگهي. تري ڄاڻندڙ.

تارُون: ذ (سن. تالو) مٿي جي چوٽي وارو ۽ وات جو اندريون مغز وارو حصو.

تارُوڙو: ذ. پاڻيءَ جي مٿان ٽِڪو ترندڙ هڪ جيت.

تارِي: ث. پاڻيءَ ۾ ترڻ لاءِ ٻانهن جو لامارو. ترڻ جو عمل. وسيلو. مدد - واهر.

تارِيءَ ٽڪڻ: سهاري تي جيئڻ.

تارِيخَ: ث (ع.اَرَخ) مهيني جو هڪ ڏينهن. ڏينهن -

روز. مقرر ڏينهن. تِٿ. ماضيءَ جي واقعن جي ياداشت.
ماضي جي گذريل واقعن بابت لکيل ڪتاب.
تاريخي يادگار: ذ. تاريخ سان واسطو رکندڙ آثار ۽
نشان. مشهور واقعي جي يادگيريءَ طور قائم ڪيل نشان.
تارِيڪ: ص (ف) اُونداهو.
تارِيڪي: ث (ف) اونداهي.
تاڙ: ث. نظرداري. چوڪسي. جانچ. گهُتَ - اُپس.
ڪمي- ڪوت. ڪجيءَ جو وڻ.
تاڙُ: ذ. تاڙي (هٿن جي). جهيڙو (زالن جو).
تاڙ ڳيو: ذ. زنانو جهيڙو. تاڙين سان ناچ. هنبوڇي.
تاڙڻُ ،تاڙڻُ: م. تاڙڻ. جاچڻ - نظر ۾ رکڻ.
تاڙو: ذ تالو- ڪلف. تاڪائين در کي اندران ڪاٺ
جي تاڙي.نار جي هڪ ڪاني (جا ڪاڄڻ جي جهل جو
ڪم ڏئي). پچاري جي پچڻ جو مُهاڙو. پکيءَ جو هڪ
قسم (مينهوڳيءَ جي منڊ ۾ ڏسبو آهي).
تاڙي: ث (سن. تَل) هٿ تي هٿ هڻڻ جو عمل. ٻن
هٿن جو ٺڪاءُ. در کي اندران بند ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جي
پَٽي. ڪجيءَ جو رس يا ڪير. ڪجيءَ جو گوشو.
تاڙيون وڄائڻ: خوشيءَ وچان يا شاباس ڏيڻ وقت
تاڙيون وڄائڻ (خوار ڪرڻ وقت بہ ٺوڪ طور تاڙيون
وڄائيون آهن).
تازگي: ث (ف) ساوڪ. تازائي. تَري- آلاڻ.
تازو: ص (ف. تازه) ساٿو. سرسبز. سَجرُ. خوش
چڱو ڀلو. (ث. تازي)
تازو توانو: ص. چڱو ڀلو - نوبنو. تندرستُ.
تازي: ذ (ع.ف) هڪ قسم جو عربي گهوڙو. هڪ
قسم جو شڪاري ڪتو. (ص) تکو ڊوڙندڙ .
تازِيانو: ذ (ف) چهبڪُ.
تاسَ: ث. اُڃ. چِڪَ - ٻاڙ. اُڪير- سِڪَ. باونجاهہ
پتن جو مجموعو.
تاسِيارو: ص. اُڃايل. (ث تاسياري).
تاسِڄڻُ: م. اُڃائجڻ.
تاسِرو: ذ (ع. طاس) ڪنجهي جو لسي تر وارو تراڪڙو
وٽو.
تاسِري: ث. ڪنجهي جي تراڪڙي وَٽي.
تاسَّفُ: ذ (ع) ڏک - افسوس. پڇتاءُ - حسرت.
تاسِيرو: ص. پاسيرو. ترڇو (ڏڪُ. واءُ).
تاسِيسَ: ث (ع) بنياد- پيڙهہ.
تاڪَ: ث. ٿقيل ويڪري ماني. وڏو چيٿو. تختو.
تاڪو: ذ. ڪاٺ جو ٿلهو تختو. هرلي يا نار جي هڪ
ڪاني (اهو تختو جو چڪر جي وچ ۾ پيل هجي).
تاڪَ: ث. تڪڻ جو عمل - نظر. ڳولا - تلاش.
تاڪڻُ، تاڪڻُ: م. تڪڻ- جانچڻ. چست ٻڌڻ. نظر
رکڻ. هڪ ٽِڪ نهارڻ- ڳهورڻ. ڳولڻ- تلاش ڪرڻ.
(ع) طاق ڏيڻ. در بند ڪرڻ.
تاڪُو: ص. تاڪائو - تڪيندڙ. لوبي - طمعي.
شڪار لاءِ واجهائيندڙ.
تاڪي: ث (ع) دريءَ جو طاق. دري. تختي. ڪاٺي لاءِ
زمين جي ماپيل پَٽي.تاس جو هڪ پتو. چمر جي ڏٻي
(گيهہ. تيل وجهڻ لاءِ).
تاڪيد، تاڪِيدُ: ث (ع) حڪم - فرمان. ورجايل
چوڻ - چتاءُ. تنبيهي هدايت.
تاڪيد ڪرڻ: چتاءُ ڏيڻ. وري وري چئي زور وجهڻ.
حڪم ڪرڻ.
تاڪيو: ذ. ڪپڙي جو ٿانُ.
تاڳَ: ث. پکي پختي آزمودگار عورت.
تاڳاپو: ذ. جياپو. گذران.آجهو.
تالُ: ذ (سن) ڳائڻ وڄائڻ جو وزن (سازن جي پوري

وجت سان). وجت (ساز جي). سازن جي لئي. ناچ جا گر. هٿن جا ناٽ. مَڪر. نخرو. ڪيڏ - يونگ.

تالَ پَخال: ذ. ناز نخرا. عذر بهانا.

تالڙ: ص. تال ڪندڙ - نخريباز.

تالاب: ذ (ف) تلاءُ.

تالابيءُ: ص (ف.ته و بالا) تباهہ برباد. حيران پريشان.

تالان: ص (ف) اجڙ - تباه. ويران.

تالبند: ذ. جمع ۽ خرچ جو اُتارو. حساب ڪتاب جو اختصار.

تالو: ذ. ڪلف - جندو.

تالهڙو: ص. تانگهو -تراڪڙو (تانءُ).

تاليفَ: ث (ع) جداجدا ڪتابن جي انتخاب مان لهيل ڪتاب.

تاليف قلوب: ث. ماڻهن جي دلين کي گڏ ڪرڻ. الفت پيدا ڪرڻ.

تامُل: ذ (ع) سوچ - ويچار. دير - ير.

تان: ظ (ف. تا) وقت جي حد تائين - نيٺ. تيستائين. تنهن وقت. تيئن . وڻان. ڪان. تہ پوءِ. پڻ. اجان بہ.

تانَ: ث (ف) ڳائڻ جي هڪ هنر جو نالو (راڳني مطابق سُرن جي سلسليوار لاهي چاڙهي وارو لهردار آواز). ترڻي يا تارُون منجهان هنيل پلئو.

تاندُورو: ذ. تندُ. تندو. ڪنهن وڻ بوٽي يا ول جو تاڳي مثل سنهڙو گوشو.

تانگهہ: ث. سِڪَ - اُڪير - اُڪنڊ. چِڪَ - ڪايو. گهرج- طلب. پاڻيءَ جي اونهائي. چيهہ - پچائي.

تانگهائڻُ: م. اُڪيرجڻ - اُڪنڊجڻ. واجهائڻ.

تانگهَڻُ: م . پاڻيءَ جو ترو لهڻ. تانگهي پاڻيءَ مان لنگهڻ. ڳولڻ. اُڪنڊجڻ.

تانيث: ث (ع) گرامر موجب جنس مؤنث اسمن جي علامت.

تاڻَ : ث. چِڪَ - تِڪ. سِڪَ.

تاڻَ تُوڻَ: ث. چِڪ تاڻ. جانچ جونچ.

تاڻڻُ: م. چِڪڻ. وتائڻ. ڊيگهہ ڏيڻ. پکيڙڻ. چِڪي آڻڻ (پاڻ ڏي). تکڻ - ڏسڻ. اڳتي وڌڻ - هلڻ.

تاوانُ، **تاوَنُ** : ذ. (ف) زبردستي مٿان پيل ڏنڊ - چٽي. يل جو ڏنڊ.

تاوڙي: ث. تپت - تاءُ - ڪوساڻ.

تاوَنُ : ف (ف. تاوان) چَٽي. نقصان - چيهو.

تاوَن پوڻ: چٽي پوڻ. ڳچيءَ پوڻ.

تاويلُ: ذ (ع) ڪنهن ڳالهہ يا جملي جو ظاهري مطلب ڇڏي پنهنجي راءِ موجب ڪيل معني. شرح - سمجهاڻي. عذر - بهانو.

تاهري: ث. ڳڙ ۾ رڌل مِنو ڀت.

تاهُوتَ: ث. تاڪيد. تکڙ - جلدائي.

تاهوت مچائڻ: تکڙ لائڻ. جلدائي لاءِ زور پرڻ.

تاءُ: ذ (ف تاب) سيڪُ - تؤُ (باهہ جو). گرمائش. تابش. ڪاوڙ.

تاءُ اچڻ: سيڪ اچڻ. همدردي ٿيڻ. هڏ ڪُرڪڻ. ڪاوڙ اچڻ.

تائبُ: ص (ع)خدا ڏانهن موٽندڙ. توبهہ ڪندڙ. پڇتائيندڙ. گناهن جي معافي گهرندڙ.

تائتُ : ذ (ع. تعويذ) تعويذ - ٿل. ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ ڳهہ (عموماً چانديءَ جو ٺٽي).

تائڻُ: م. تپائڻُ. گرم ڪرڻ. ستائڻ - آزارڻ.

تائي ڪڍڻ: بيزار ڪرڻ. تکڙ ڪرڻ. تاهوت ٻڌڻ.

تائيدَ: ث (ع) پٺڀرائي. حمايت - ٽيڪو. تصديق.

تائين: ظ. توڙي - سوڌو.

تَبُ، تَبو ذ (ع. طب) علاج ۔ حيلو.

تباخُ، تَباکَ ث (ف. طباخ) ٺڪر جي پاٽ.

تَبادلہ ذ (ع) بدل سدل. مٽا سٽا. ڏي وٺ. بدلي (ملازمت ۾).

تَبارَڪُ ص (ع) برڪت وارو. برگزيدو. بزرگ. قرآن شريف جي هڪ سورت.

تَباهُ ص (ف) نابود – ناس – چٽ. ويران.

تَباهه حال ص. پريشان حال. ڏٽڙيل. ڪنگال.

تَباهہ ڪُن ص. برباد ڪندڙ – ناس ڪندڙ.

تَباهِي ث. بربادي. سيڪجهہ ناس ٿيڻُ.

تَبدِيلَ. تَبدِيلِي ث. صورت بدلائڻ. بدل سدل. مٽاسٽا. ڦير گهير.

تَبَرَ ث (ف) ڪُهاڙي. وڏي ڦر واري ڪهاڙي.

تَبَرّا ث. (ع) بيزاري. ملامت.

تَبَرُڪ ذ (ع) اهڙا شيءِ جنهن ۾ برڪت هجڻ جو اعتقاد هجي. بزرگ يا مرشد کان مليل تحفو.

تَبَرُڪاتُ ذ (ع) بزرگن جون نشانيون. درويشن کان تحفي طور مليل شيون.

تَبَسمُ ذ (ع) چپن ۾ کلڻ – مُرڪ – مُشڪ.

تَبصُرو ذ (ع) ڪنهن مسئلي يا مضمون متعلق خيالن جو اظهار. مضمون يا ڪتاب تي ڏنل راءِ.

تَبلِيغَ ث (ع) چڱي ڳالهہ ٻين تائين پهچائڻ. ديني نيڪيءَ جي پڌرائي. شريعت ۽ مذهب جي تلقين.

تَتُ ذ (سن. تَتو) بنيادي حقيقت.حاصل مطلب. اختصار – خلاصو.

تَتَبعُ ذ (ع) پيروي – تقليد. ڪنهن شاعر جي غزل يا نظم جي پران شعر جوڙڻ.

تِترُ ذ. هڪ قسم جو مشهور پکي (ٽي قسم ؛ بگڙو. ايراني. ڪارڙو).

تِترکرِڙِي ث. ننڍڙن ننڍڙن ڪَکرن جو جهُڙ (جيڪي تتر جي پنيءَ وانگر ڏسجن).

تِتِڪِرو ذ (سن) "الف – بي" وار. نالن (حساب ڪتاب ۾) جي فهرست.

تَتُلُ ص. ڪوسو. گرم. ڪاوڙيل.

تَتمو ذ (ع) خاتمو. ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ ضميمي طور وڌايل حصو.

تِتَن تاري ث. اُبهرائي وارو مٿاڇرو عمل.

تَتو پاڻي ۽ ذ. ٽِڪو پاڻي. ڪنگهو پاڻي.؛ بي سواد (کير، شربت وغيره).

تَتي گهاءِ ظ. بروقت – تهتا. يڪدم.

تَتي ٿَڌِي ث. گرمي سردي. ڏک سک.

تِٿِ: ث (سن) تاريخ – وارُ. مقرر ڏينهن. ٻڌل ڏينهن (شادي لاءِ). ٿِٿِ.

تَٿاه پَٿاه ذ. نٽ نٽاءُ– گسُ گُساءُ. عذر بهانا. (ص) واتڙو– هَڪَو بڪو.

تِٿو ذ. ٻُڙو (منڊيءَ جو).

تَثلِيث ؛ ث (ع) 'اِلاهيت' کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهائڻ جو عقيدو (عيسائين ۾ خدا، حضرت عيسيٰ ۽ جبرئيل ۽ هندن ۾ برهما، شِوَ ۽ وشنو).

تَپُ ذ (سن) بخار – ٻَرو. تپسيا – رياضت.

تَپُ چڙهڻ ٻرو چڙهڻ. سُستي چڙهڻ. ٻپ وٺڻ.

تَپاچو ذ (ف. تمنچہ) تمنچو– پستول.

تَپاسَ ث (ع. تفحص) ڇڪاس. معائنو. غور ويچار.

تَپاسَڻُ م. ڇڪاسڻ. معائنو ڪرڻ. پرکڻ. ويچارڻ.

تَپاشو ذ. پتاشو (کنڊ مان ٺهيل مٺائي).

تَپاڪُ ذ (ف) ولولو– گرمجوشي – اُتساهہ.

تَپاوَلِي ث. عام ماڻهن ۾ تپ جي بيماري ("سرءُ" ۾ تپاولي عام ٿئي).

تپائڻ: م. تمام گهڻو گرم ڪرڻ. تئو ڏيڻ (باھ جو). تاءُ ڏيڻ. تنگ ڪرڻ. آزارڻ. خفي ڪرڻ.

تپت: ث. گرمي - تپش. تاوڙي.

تپجڻ: م. تپجي پوڻ- ٻرجي پوڻ.

تپرس: ذ . اچرج - حيرت.

تپسيا: ث. (سن) رياضت (نفس کي مارڻ لاءِ).

تپش، تپشِ: ث (ف) گرمي- حرارت. سج جي تاوڙي.

تپڻ: م (سن. تپ) گرم ٿيڻ (باھ يا اُس تي). ڪاوڙجڻ.

تپڻو: ص. جلد ڪاوڙجندڙ. چيڙاڪ.

تپڻي تپائڻ: پويان باھ ٻارڻ. آزار مچائڻ. سک ڪرڻ نہ ڏيڻ.

تپو: ذ (تپ) زرعي ڪاتي جي مقرر ايراضي (جنهن ۾ هڪ کان زياده ديهون شامل هونديون آهن).

تپيدار: ذ. زرعي ڪاتي جو هڪ ملازم (جو تپي جي زمين جي داخلا رکي ۽ فصل جي ڍل وصول ڪري).

تپيل: ص. تتل. بخار ۾ ورتل- ٻريل.

تجار: ذ (ع) وڏو واپاري. سوداگر. تونگر.

تجارت: ث (ع) واپار. خريد فروخت. سوداگري.

تجاوز: ذ (ع) حد کان زياده واڌ. واڌارو- اضافو.

تجاهل: ذ (ع) ڄاڻي واڻي اڻڄاڻي. دانستہ بي خبري-اغماز. پاڻ کي بي خبر ظاهر ڪرڻ.

تجاهل عارفانه: ذ. علم بديع ۽ معاني جو اصطلاح. اڻڄاڻ بنجڻ- بيخبريءَ جو اظهار. ڄاڻي ٻجهي ڪَن لاٽار.

تجديد: ث (ع) ڪنهن رهيل ڪم، نظام يا تحريڪ کي وري اپارڻ. نئين سر جيارڻ.

تجر: ث (ف) زير زمين ٻُهرو (سامان يا ناڻي رکڻ لاءِ). قبر جي مٿان ڪليل اڏاوت- ڇَتي.

تجربو: ذ (ع) ماهيت، اصول يا اثر معلوم ڪرڻ لاءِ آزمائش. پرک- آزمودو.

تجربيڪار: ص. آزمودگار. ڄاڻو. هوشيار. ماهر.

تجزيو: ذ (ع) ورهاست- تقسيم (جُزن جي). ذري پرزي جي جانچ. چند ڇاڻ.

تجسس: ذ (ع) ڪنهن لڪل ڳالھ جي جانچ- تلاش- جستجو - سُونهه.

تجلو: ذ (ع. تجلي) چمڪو- اُهاءُ. سُهائو. سوجهرو.

تجلي: ث (م) الاهي نور جي روشني. جلوو- نور. تجلو.

تجمل: ذ (ع) سينگار. شان شوڪت. دٻدٻو.

تجنيس: ث (ع) هڪجهڙائي - مشابهت. علم بديع موجب جملي ۾ هم شڪل يا هم آواز لفظن جو استعمال.

تجويز: ث (ع) رٿ- تدبير. راءِ- نهراءُ.

تچ: ث. ڇِل. کلّ جو ٽورڙو ذرو.

تچ: ص (سن) ٿورو ذرو- ننڍڙو ذرو. خسيس- ادنيٰ. گهٽ- ڪمتر.

تچڻ: م. کل لاهڻ- ڇلڻ. تراشڻ.

تحائف: ذ (ع) تحفا- سُوکڙيون. سوغاتون.

تحت: ذ (ع) هيٺيون حصو. تَرو. (ظ) هيٺان.

تحت الثريٰ: زمين جو هيٺيون طبقو. ستون. دوزخ.

تحت اللفظ: ذ. حرف بحرف لفظي ترجمو. شعر کي لس پڙهڻ.

تحرڪ: ذ (ع) حرڪت- چرپر. جُنبش.

تحرير: ث (ع) ڪتابت. عبارت- مضمون. لکيت.

تحريڪ: ث (ع) چُرپر. هلچل. ڪنهن ڪم کي شروع ڪرڻ يا زور وٺائڻ جي ترغيب.

تَحسِينَ: ث (ع) ساراهہ - واکاڻ. پسندي ۽ خوشيءَ جي اظهار جا لفظ- آفرين- شاباس.
تَحصِيل: ث (ع) حاصلات. تعليم جي تڪميل. ڍل جي وصولي.
تَحَفُظُ: ذ (ع) بچاءُ - سنڀال- حفاظت.
تُحفو: ذ (ع) سوکڙي- سوغات. سوکڙي يا تبرڪ طور مليل نشاني.
تَحَقِيق: ث (ع) اصليت معلوم ڪرڻ (ڪنهن واقعي يا شيءِ جي). ڳولا- جانچ. پڪ - يقين. (ظ) برابر- بيشڪ.
تحقيقات: ث (ع) ڪنهن مسئلي يا معاملي بابت جانچ.
تَحقِيقات ڪرڻ: ڪنهن ڏوهہ جي جانچ ڪرڻ. پڇا ڳاڇا ڪرڻ. واقعي جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ.
تَحلِيل: ث (ع) حل ٿيڻ جي حالت. جُزن جي ملڻ يا ڌاتو جي ڳرڻ جي حالت. جذب ٿيڻ.
تَحمُلُ: ذ (ع) ڌيرج- صبر. سَهپ.
تَحوِيل: ث (ع) حوالي ڪرڻ يا قبضي ۾ ڏيڻ جي حالت - سپردگي.
تَختُ: ذ (ف) بادشاھ جي وهڻ لاءِ مسند- گادي. صندل. ٻيڙيءَ جو اڳيون پاسو.
تختگاھُ: ذ. گاديءَ جو هنڌ- راڄڌاني.
تختو: ذ. ڪاٺ جو ويڪرو ۽ لسو پاٽيو. ڦرهو (غسل لاءِ).ڏر (ڪپڙي جو).
تختو ڪڍڻ: ويساھہ گهاتي ڪري دغا ڪرڻ.
تَختي: ث. تختي جو ننڍو ٽڪر. پَٽِي- ڦرهي.
تَخرِيب: ث (ع) تباهي- بربادي.
تَخفِيفَ: ث (ع) ڪمي- گهٽتائي. ڇانڊ. ڪَتر.
تَخَلصُ: ذ (ع) شاعر جو مختصر نالو (جيڪو شعر ۾ تالي بدران ڪم آڻي).
تَخلِيق: ث (ع) پيدا ڪرڻ جو عمل. خلق ڪرڻ. ناهپ - جوڙ.
تُخمُ: ذ (ف) ٻج. نطفو. اولاد.
تَخمِينو: ذ (ع) اندازو (ڳڻپ يا تور جو) - ڪٿ.
تَخَيُلُ: ذ (ع) خيال- تصور. سوچ ويچار.
تَدارُڪُ: ذ (ع) ناجائز ڪم کي روڪڻ جو انتظام. اُپاءُ - ٻلو. بندوبست. عملي قدم (تلافي طور).
تَدبُر: ذ (ع) دورانديشي- اڳ ويچار. حڪمت عملي.
تَدبِيرَ: ث (ع) بندوبست. انتظام اُپاءُ- تدارڪُ. حيلو.
تَدرِيج: ث (ع)درجيوار سلسلو.
تَدرِيسَ: ث (ع) سکيا- تعليم.
تَدفِينَ: ث (ع) جنازو دفنائڻ- ڪفن دفن.
تَدوِينَ: ث (ع) مواد گڏ ڪري ڪتاب جوڙڻ جي ترڪيب - تاليف.
تَڏ: ث (سن. تَڏ) ڇِڪ. مخالف زور جي ڇِڪَ.
تَڏ ڏيڻُ: ملهہ ۾ آڏي هَٽ سان زور ڏيئي مخالف کي پاڻ کان پري جهلڻ.
تِڏ: ث. هڪ قسم جو جيت (گهرو تڏ. وڻن جي تڏ. پوک جي تڏ).
تَڏڻُ. تَڏِڻُ: م. تڏ ڏيئي جهلڻ. ڇِڪي جهلڻ.
تَڏو: ذ ڪَجيءَ يا ڦِيش جي ڦڙهن مان نهيل پَڙ- چَٽائي. گهرُ.
تَڏاويڙهہ: ث. گهر يا بستيءَ جي بربادي- گهڻا موت.
تڏو ڪڻائڻ: لڏائي ڇڏڻ. هڪالي ڪڍڻ.
تڏو ڪِنو ڪرڻ: مهمان يا گهر آيل ماڻهو سان خراب هلت ڪرڻ. پنهنجي ناموس ٻوڙڻ.
تڏو لتاڙڻ: خراب نيت سان ڪنهن گهر ۾ گهڙڻ.

تڏي تي اچڻ، گهر ۾ لنگهي اچڻ.

تڏي تي ويهڻ، فوتيءَ جي عذر خواهي لاءِ پٿر تي ويهڻ.

تِڏو، ذ. جيت جو هڪ قسم (تڏ کان وڏو).

تَڏهِن، تڏهين، ظ (سن. توير) تنهن وقت- ان وقت.

تَڏِي، ث. ننڍڙو تڏو.

تِڏِي، ث تِڏ. هينين چپ جي هيٺان (کاڏيءَ کان مٿي) وچ تي ڇڏيل وار.

تَدبُّر، ذ (ع) ٻُڌتر- فڪر ۽ ويچار.

تَذڪِرو، ذ. (ع. تذڪره) ذڪر - بيان. ڇوڀڇو. يادگيري. سوانح عمري.

تَذڪِير، ث (ع) مذڪر هئڻ جي حالت.(ضد تانيث).

تَذلِيلَ، ث (ع) ذلت. خواري. بيعزتي.

تَر، ص (ف) آلو- پُسيل. گهِميلُ. تازو. سٺيو.

تَرُ، ذ (سن. تل) ترو. پاڻيءَ جو هيٺيون دنگ (کوهه، واهه وغيره جو).تري وارو پاڳو. متاڇرو (زمين جو). آسپاس - پسگردائي. ڪپڙي جو ديگهه وارو پاسو ("بر" جو ضد) زمين سڌي ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جو سينوَر.

تِرُ، ذ (سن تِل) مشهور تيلي ٻج. بدن تي ڪارو داغ.

تِرَ مَٿِڻ، ٻَرِڻ، شاديءَ جي هڪ رسم ۾ گهوٽ ڪنوارِ ترن جا ٻُڪ ٻري مٿا ستا ڪندا آهن.

تِرِ، ث ڪورڪي ڪم ۾ اُڻيل ڪپڙي کي ويڙهڻ لاءِ چورس ڪاٺي.

تُرابُ، ث (ع) مِٽي - خاڪ.

تَرار، ث . تلوار- شمشير.

تُرارو، تُراڙو، ذ. تارازي، تارازيءَ جو وٽُ - تورو.

تَراڙِ، تَراڙُو، ث (ع. طَراد) ننڍي هلڪي ٻيڙي.

تَرازوُ، ث (ف) ساهمي - تارازي.

تَراشَ، ث (ف) ڇلڻ جو عمل. رَندي جي ڇِلَ.

تَراشَڻُ، م (ف. تراشيدن) ڇلڻ. گهڙڻ (قلم) . رندو هڻڻ.

تَراڪِڙو، ص. تانگهو - تاسرو.(ث . تراڪڙي).

تَرانو، ذ (ف. ترانه) گانو - نغمو.

تَراوِيحُون، ث (ع) ويهه رڪعتون نماز (جي رمضان شريف ۾ سومهڻي نماز ۾ فرض کان پوءِ پڙهجن).

تَرائِڻُ، م. تيل يا گيهه ۾ پچارائڻ (طعام).

تَرائِي، ث. هيٺانهين زمين (جتي سِم يا برسات جو پاڻي پوسل ڪري بيهي). درياءَ جي پر واري هيٺاهين زمين. وادي - ماتري.

تُرِبَتَ، ث (ع) قبر - ٻُني.

تَرِبَند، ث. آلي پَٽي (جا زخم تي ٻڌجي).

تَربُوزو، ذ (ف) ڇانهين- هندائو.

تَربِيَت، ث (ع) ماحول کي سمجهڻ جي سِکيا - تعليم. پرداخت - پرورش.

تَرياءَ، ذ سڌ سماءَ- خبر چار. آسپاس جي خبر چار. منجهه - راز.

تُرتُ، ظ (سن) تهتا - جهٽ پٽ. بنادير.

تِرتِر، ث. آنڌ مانڌ. لوچ پوچ. اجائي اُٿ ويهه.

تَرتِيبَ، ث. (ع) درجي بدرجي شين رکڻ جي حالت، سلسلو. سٽاءَ.

تَرتيبوار، ص. سلسليوار - نمبر وار. لاڳيتو.

تُرپُ، ذ (انگ.ٽرمپ) تاس راند ۾ ٻول وارو رنگُ- حڪم (پيسڪوٽ راند ۾).

تَرجُمانُ، ص (ع) هڪ ٻوليءَ جو مطلب ٻيءَ ٻوليءَ ۾ سمجهائيندڙ. ترجمو ڪندڙ.

ترجماني ڪرڻ، ٻئي جي خيالن جو اظهار ڪرڻ. ٻئي جي طرفان ڳالهائڻ.

تَرجُمو، ذ (ع) تحرير يا تقرير کي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ آڻڻ.

تَرجيحَ: ث (ع) برتري- فوقيت. ٻئي کان وڌ پسندي.
تِرچَڻُ ؛ م. چلڻ - تراشڻ. رنڊڻ.
تِرچو: ص. پاسيرو - ڏنگو. ڪنڊائتو. (ث. ترچي).
تَرَدُّد: ذ (ع) ٻڏتر - سوچ ويچار.
تَرديدَ: ث (ع) ڪنهن ڳالهه جو انڪار. رَدُّ.
تَروُ: ص. ٿڻن کان ڇوٽيءَ تائين (ناڪارو. نپاڳو).
تَرَسُ: ذ (ف) ڊپ- ڀَوُ. رحم - قياس - ڪهل.
تَرَس کائڻ: قياس ڪرڻ. ڪهل ڪرڻ.
ترسائڻُ: م. ٽِڪائڻ - رهائڻ. سيڙائڻ. رنڊائڻ - دير ڪرائڻ.
تَرسَڻُ: م. رهڻ - ٽِڪڻُ. دير ڪرڻ. ترس کائڻ - ڪهل ڪرڻ.
تُرش: ص (ف) کٽو (ذائقي ۾).
تُرش رُو: ص. رِڪ مُنهون. بدمزاج.
تُرشي: ث. کٽاڻ. سخت ڪلامي. سختي.
تَرغيبَ: ث (ع) رغبت. لالچ - حرص. شوق.
ترقي: ث (ع) واڌارو. سڌارو. اضافو . چاڙهو. اوج.
تَرقي پَذيرُ: ص. وڌندڙ. سڌرندڙ. اضافو ٿيندڙ. اوج تي رسندڙ.
تَرڪُ: ذ (ع) پاسو (دنيا کان). تياڳ. ڇڏي ڏيڻ.
تَرڪ ڪرڻ: دنيا جي وهنوار کي ڇڏڻ. لاڳاپا ٽوڙڻ. تعلق ڇڏڻ.
تَرڪاري: ث سائي ڀاڄي. بکر ڀاڄي.
تِرڪائڻُ: م. کسڪائڻ. لڪائي گم ڪرڻ. ٽِڳائڻ.
تِرڪيتالَ: ذ. اٽڪل سٽڪل - لهو ٽهو (ڪم ۾). بهاني بازي.
تَرڪَٽُ: ذ. ويساهه گهاتي. دغا بازي. ٺڳي - ڪپٽ.
تَرڪَش: ذ (ف) تيرن رکڻ جي ٻٽي.

تَرڪَڻُ: م. ترڪ ڪرڻ - تياڳڻ. ميسارڻ.
تِرڪَڻُ: ث. ترڪڻ واري گپ - ڇِڪڻ. گِسڪڻ لاءِ لهوارو تختو. گسڪڻ واري ٻاراڻي راند.
تِرڪَڻُ ؛ م. ترڪي پوڻ (گپ ۾). مٿان کان هيٺ تي کسڪڻ.
تِرڪڻو: ص. کسڪڻو - ٿسڪڻو- لَسو. (ث. ترڪڻي).
تَرڪو: ذ (ع) فوتيءَ جي ڇڏيل ملڪيت - ورثو. سامان - اسباب.
تَرڪيبَ: ث(ع) نمونو (ملائڻ جو). تجويز - طريقو. اٽڪل - حيلو.
تَرڪيب ڪرڻ: گرامر موجب لفظن جي حيثيت ۽ حالت نروار ڪرڻ ۽ جملي ۾ آيل هر هڪ لفظ جو ٻين لفظن سان لاڳاپو ٻڌائڻ.
تَرَ ڪوٽَ: ث. اٿاٿ- ڪمي.
تُرمُ: ذ (ف. تُرنگ). قيد خانو - جيل.
ترمچي: ذ. باز جو هڪ قسم.
ترموري: ث. سياري جو اُهو ڏينهن (جنهن کان پوءِ رات ننڍي ۽ ڏينهن وڏو شروع ٿيندو آهي).
ترميمَ: ث (ع) درستي. اصلاح. ڦير ڦار.
تَرنگ: ذ (ف) ساز جي تند جو آواز. لهر - موج. امنگ. ريجهڪ - ٻُور.
تُرَنگُ: ذ. پلو گهوڙو. (ف) تُرم - جيل.
تَرَنُّمُ: ذ (ع) سُر- آلاپ.
تَرڻُ: م. پاڻيءَ جي مٿاڇري تي هلڻ يا پاڻ جهلڻ. تري پار ڪرڻ. ترڳڻ. لڙهڻ. تئي تي پهچائڻ يا پُڄڻ. چوڻا لاهي لسو ڪرڻ (ڪاٺ، دوڳي).
تَرَڻُ: م (سن. تُل) تور ٿيڻ - وزن ٿيڻ (ساهمي ۾).
تَرِڦي: ٥. ترڻ جو ٿاڻ (ڪٺيي وغيره).

ترو: ذ. ترُ - تر واري هيناهين حد. هيٺيون پاسو (ٻيڙي جٺيءَ جو). پيالڙيءَ جي ٻجهت (ٽنگ جي).

ترو گهرڙائڻ: خدمت ڪرڻ. وري وري پنڌ ڪرڻ (ڪنهن ڪم لاءِ).

ترور: ث. پاڻي جي مٿان سٽپ سبب جي جهرمر.

ترورو: ذ. سج جو ڪرڻو (جمع، ترورا).

تروڪڙي: ث. ڏسو "تلو ڪڙي"

ترويج: ث (ع) رواج ۾ آڻڻ. رسم - رواج.

ترهو: ذ. ڪکن ڪانن ۽ ڪاٺين جو ٺوڙين رسين سان تر ٻڌي ٺاهيل منجو (پاڻي ۾ ٻيڙيءَ طور ڪم اچي).

تري: ث. ديگ يا ديگڙي جي سڙي ويل تر ۾ ٺٽون وجهايل ترو. (ف) آلاڻ - نمي. تازگي.

تري. تري: ث هٿ جو وچ وارو سنئون پاسو. پير جو تر وارو پاسو.

تريءَ تي بهشت: اتي جو اُتي موجود. جهٽ پٽ تيار.

ترين يَر: ظ. بيٺلاڻي منجهان ڪنگالپڻو. ڪريل.

تريون مَهٽڻ: هٿ مهٽڻ (پڇتاءَ ۾). افسوس ڪرڻ. پڇتاءَ ڪرڻ.

تري: ث. جوئر جو هڪ قسم. سون تورڻ لاءِ ننڍڙي ساهمي. ٽڪڙي، گهوڙي.

ترياق: ذ (ع) زهر جي اثر لاهڻ جي دوا. اوتار (ڪنهن دوا جي اثرجو).

تريز: ث (ف) پهراڻ جو اڳو - دامن.

ترينا ڪ: ص. تمام چالاڪ. نهايت حرفتي. مڪار- فتني باز.

تڙ: ث. ٽڪر (سوپاريءَ جو). ٽرو (مصريءَ جو). ٻوٽي (گوشت جي). مَڪل (شڪار لاءِ).

تڙ: ذ (سن. تٽ) ڪنارو- ڪنڌي. ڪناري وارو سڙڪو هنڌ- گهيڙ. ٻيڙي جي لنگر هڻڻ جي جاءِ - پتڻ. ڪوهه. غسل. احتلام.

تڙ ڏيڻ: وهنجارڻ (ميت کي). غسل ڏيڻ.

تڙائڻ: م. هڪالي ڪيڻ- لوڏائڻ.

تڙپيڙ: ث. سوڙهه - تنگي. سختي . وٺ پڪڙ.

تڙتڪڙ: ث تمام گهڻي تڪڙ. ابهرائي.

تڙ پڪڙ: ث. وٺ پڪڙ.

تڙپ: ث. ڦٽڪو- لوچ. بيقراري. امنگ.

تڙپڻ: م. لڇڻ - ڦٽڪڻ. سِڪڻ. بيقرار ٿيڻ.

تڙپوٽو: پوٽي جو پوٽو. (ث. تڙ پوٽي).

تڙ ڏاڏو: ذ ڏاڏي جو ڏاڏو (ث. تڙ ڏاڏي).

تڙڦڻ: م. لڇڻ - ڦٽڪڻ. تڙپڻ.

تڙڪو: ذ. صبح واري اُس. تاءُ (سج جو).

تڙڪول: ث. پٽ وارو اهو پاسو جنهن تي صبح جو سج ابرڻ سان تڙڪو پوي.

ٽڙڪڻ: م. وڏي پاڻيءَ ۾ ٽپيون هڻڻ ۽ گجهڙو ترڻ.

تڙهڻ: م. پڃائڻ. ڊوڙائڻ (وهٽ). هڪلڻ (پکي، جانور). لوڌڻ.

تڙي: ث. جينپ. دڙڪو - چِرپ.

تڙي چاڙهڻ: ڌمڪي ڏيڻ. چڙٻ ڏيڻ. دڙڪو ڏيڻ.

تڙيل: ص. هڪليل. لوڏيل. نيڪالي ڏنل.

تڙي ڳڙي: ظ. بيٺي پير - بنادير - تهتا. اتي جو اتي- ٺهه پهه.

تڙ: ظ . سڌو. پورو نشان تي.

تزڪيہ: ث (ع) پاڪائي.

تزڪيہ نفس: ذ. نفس جي پاڪائي.

تزئين: ث (ع) آرائش - سينگار.

تزي. تزلي: ث. باراڻي راند لاءِ گول ٺڪري - ٽاپون.

تس: ذ (ع. طس) ٺڪر جو ننڍو ماٽورو.

تساهل: ذ (ع) غفلت - سستي. لاپرواهي.

تسائڻ: م. خوش ڪرڻ. ريجهائڻ.
تسبيحَ: ث (ع) ڌڻيءَ جي وڏائي جوذڪر. دائن جي مالها (جنهن تي ذڪر ڪجي).
تسخير: ث (ع) مطيع يا تابعدار ڪرڻ جي حالت– فتح – جيت– سوڀ.
تسري: ث. ڪنجهي جي تراڪڙي وٽي.
تسڪينَ: ث (ع) تسلي – دلجاءِ. آرام.
تسلا. تسلائي: ث. تسلي – دلجاءِ. خاطري– پَڪ.
تسلطُ: ذ (ع) غلبو. ظابطو. قبضو.
تسلسُل: ذ (ع) سلسليوار حالت – سلسلو. ڳانڍاپو.
تسليٰ: ث (ع) دلجاءِ – دلداري. خاطري – پڪ.
تسليم: ث(ع) سپردگي. منظوري– قبوليت. مڃتا.
تسليمات: ث (ع) سلام– نياز.
تسمو: ذ (ف) چم جي سنهي تند. بُوٽ جي ڪَهي.
تسڻُ م. خوش ٿيڻ. راضي ٿيڻ. ريجهڻ.
تسو: ذ (ف. تَسُو) ڪنهن بہ شيءِ جو ذرو (جَوَ جي مقدار جيترو).
تسيو: ذ. اُڃ– پياس. بک– فاقو.
تشبيہَ: ث (ع) مشابهت– پيٽ. هڪ جهڙائي.
تشخيص: ث (ع) اهڃاڻن سان بيماريءَ جي پرک. سڃاڻپ.
تشددُ: ذ (ع) ڏاڍائي– جبر. سختي– ايذاءُ.
تشديدَ: ث (ع) ٻن ساڳين اکرن کي ٻٽو ڪري اچارڻ لاءِ املا جي نشاني (ّ)– شد.
تشريحَ: ث (ع) سمجهاڻي. وضاحت.
تشريف: ث (ع) عزت. شرف. عزت افزائي.
تشفّي: ث (ع) شفا. تندرستي– صحت. دلجمعي. خاطري.
تشنجُ: ذ (ع) بدن سيڪجڻ جي بيماري.

تِشنگي: ث. (ف) اُڃ.
تِشنہَ: ص (ف) اُڃو– پياسو. سڪايل.
تشويشَ: ث (ع) پريشاني– ڳڻتي. جهوري. اونَ.
تشهيرَ: ث (ع) مشهوري. بدنامي. خواري.
تصادُم: ذ (ع) ٽڪر (ماڻهن يا گاڏين جو).
تصحيح: ث (ع) درستي (لکيت جي).
تصديقَ: ث (ع) سچي هئڻ جي شاهدي. ثابتي. سچائي جي تائيد. پَڪ.
تصرف: ذ (ع) استعمال. اختيار. قبضو. خرچ.
تصغيرَ: ث (ع) ننڍائي. ننڍڙائي.
تصفيو: ذ (ع) صفائي (معاملي جي) نبيرو. صلح.
تصنعُ: ذ (ع) بناوٽ. ڏيکاءُ.
تصنيفَ: ث (ع) ڪتاب (لکڻ). مضمون نويسي. تحرير– لکيت. (جمع تصانيف).
تصوّرُ: ذ (ع) دل ۾ وهاريل خيالي تصوير. نقشو– خاڪو. خيال.
تصوّفُ: ذ (ع) نفساني خواهشن کان پاڪائي. نفس جي پاڪائيءَ جو طريقو. علم معرفت.
تصويرَ: ث (ع) شڪل– صورت. نقش. خاڪو.
تضادُ: ذ (ع) ابتڙ عمل– مخالفت.
تضمينَ: ث (ع) شاعريءَ جي هڪ صنعت (ٻئي جو شعر يا مصرع پنهنجي شعر ۾ حوالي طور آڻڻ).
تطهير: ث (ع) پاڪائي– صفائي.
تعارفُ: ذ (ع) سڃاڻپ. واقفيت– ڏيٺ.
تعاقبُ: ذ(ع) پٺ وٺڻ. پُٺ– پيڇو.
تعاليٰ: ص(ع) بلڪل مٿانهون– بلڪل بلند(هي لفظ الله، رب خدا ۽ ڌڻي سان صفت طور ڪم اچي.)
تعاونُ: ذ (ع) مدد– همراهي.
تعبيرُ: ذ (ع) ڪنهن ڳوڙهي خيال يا مضمون جي

وضاحت. سمجهاڻي (خواب جي).
تَعجُبُ: ذ (ع) عجب- اچرج- حيرت.
تعدادُ: ذ (ع) شمار- ڳاڻيٽو. انگ.
تعدي: ث (ع) جٽ. سيڪت. ناحق.
تعريفَ: ث (ع) سمجهاڻي. وصف. ساراهه- واکاڻ.
تعزيَت: ث (ع) پرچاڻي (فوتيءَ جي عزيزن سان)- عذرخواهي.
تعزيرُ: ذ (ع) شرعي حڪم پٺيون جي سزا. قانوني ڦٽڪو.
تعزيو: ذ (ع. تعزيه) حضرت امام حسين رضہ جي روضي جو نقل- تابوت.
تعصبُ: ذ (ع) بيحد طرفداري. بيجا حمايت. تنگدلي. بغض.
تعطيل: ث (ع) ڪم کان فراغت. اداري يا ڪم بند ٿيڻ سببان موڪل- ڇُوٽي.
تعظيم: ذ (ع) عزت- مانُ- شرف.
تعلقُ: ذ (ع) لاڳاپو- واسطو. آشنائي. ڳانڍاپو.
تعلقو: ذ. مختيارڪاري جي حد.
تعليم: ث (ع) سکيا- تدريس. پڙهائي. تلقين.
تعليم يافته: ص. سکيا ورتل. پڙهيل.
تعميرَ: ث (ع) عمارت سازي. اڏاوت.
تعميل: ث (ع) پوئواري. بجاآوري. سرانجامي.
تعويذُ: ذ (ع) دعا جو ڪاغذ يا نقش (ڳچيءَ ۾ ٻڌجي)- ڦُل- تائيت. ڳهہ جو هڪ قسم.
تعيُش: ذ (ع) عيش. سک ۽ خوشي.
تعين: ذ (ع) مقرري. بحالي.
تغاري: ث (ف) وڏو لوهي تالهہ (گاري ڪڍڻ لاءِ).
تغافُل: ذ. (ع) غفلت. بي ڌياني. بيخبري. سُستي.
تغيُر: ذ (ع) تبديلي- ڦيرو.

تُفو: ندا (ف) حيف- ملامت.
تفاوَتُ: ذ (ع) ڏُوري- ويڇو. فرق. اختلاف.
تفاؤلُ: ذ (ع) فال. سنو سَوڻ.
تفتيشَ: ث (ع) ڳولا. جانچ. پڇا ڳاڇا. تحقيقات.
تفرقو: ذ (ع) فرق- اختلاف. ڦوٽ- نااتفاقي- نفاق.
تفريحَ: ث (ع) دل خوشي. فرحت. وندر. هواخوري.
تفريق: ث (ع) جدائي. نفاق. ورهاست.
تفسيرُ: ذ (ع) پوري سمجهاڻيءَ وارو بيان. قرآن شريف جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي.
تفصيلُ: ذ (ع) وچور. سربستو احوال.
تفصيلوار: ص. سلسلوار- سربستو. وضاحت سان.
تفڪرُ: ذ (ع) خيال- ويچار. ڳڻتي. غور ويچار.
تُفنگَ: ث (ف) بندوق.
تُفنگ: ذ (ف) تاڳن جو مُڇو جنهن ۾ سُئي لڳل هجي (جيڪو نڙانديءَ ۾ وجهي ڦوڪ ڏيڻ سان نشان تي لڳي)- آنڊي گل. (ص) بهادر- سورهيہ. جوانمرد.
تقابُل: ذ (ع) مقابلو. ڀيٽ. (ظ) ڏوبڏو- آمهون سامهون.
تقاضا: ث (ع) طلب- گهُر. ضرورت.
تقوَت: ث (ع) دينداري. خداترسي. عبادت.
تقاوي: ث (ع) ٻني يا آبادي لاءِ قرض.
تقدُس: ذ (ع) برگزيدگي. پاڪائي- پاڪيزگي.
تقدُم: ذ (ع) اڳتي وڌڻ يا اڳتي هئڻ جي حالت. اڳي هئڻ. ترجيح.
تقديرَ: ث (ع) ڌڻيءَ طرفان مقرر ٿيل حصو. الاهي حڪم. لکيو. ڀاڳ- بخت. قسمت.
تقديس: ث (ع) پاڪائي ۽ نيڪي جو بيان. بزرگي جي ساراهه.
تقرُر: ذ (ع) مقرري (ملازمت ۾).
تقرُري: ث (ع) مقرري (ڪنهن عهدي يا نوڪري ۾).

تَقرِيبَ: ث (ع) ويجهائي. رسم (جنهن ۾ ماڻهو گڏ ٿين). گڏجاڻي- مجلس. دعوت.

تَقرِيباً: ظ (ع) جي ويجهو- لڳ ڀڳ. اٽڪل روءِ- ٺلهي ليکي.

تَقرِيرَ: ث (ع) بيان- ليڪچر- خطاب.

تَقرِيظَ: ث (ع) ڪنهن ڪتاب بابت راءِ (جنهن ۾ مصنف جي ساراهه مقصود هجي).

تَقسِيمَ: ث (ع) ڀاڱيوار ورهاست. ورهاڱو- ونڊ ورڇ.

تَقصِيرَ: ث (ع) ڏوهه- قصور. خطا.

تَقطِيعَ: ث (ع) شعر جي مصرع کي بحر جي رڪنن موجب ورڇ.

تَقلِيدَ: ث (ع) نقش قدم تي هلڻ- پيروي. بنا سوچ ويچار جي ڪنهن نظريي جي پيروي.

تَقوِيٰ: ث (ع) خداترسي. گناهن کان بچاءُ. پرهيزگاري.

تَقوِيتَ: ث (ع) مضبوطي- پڪائي. طاقت- سگهه. ڀنڀرائي- ٽيڪو.

تَڪَ: ث. نظر- نگاهه. ڪٽ واري نگاهه. اندازو. اٽڪل روءِ تور.

تَڪُ: ذ. ڀاڱو- ٽڪرو. ورڇ. ڪپڙي جو ڏڪ. شهر جو ڀاڱو. زمين جو آباد ٽڪر. هڪ ميمبر جي چونڊ واري مقرر ايراضي.

تِڪَ: ث. ڳيت. وڏو ڏڪ. يڪساهي پيڻ.

تُڪَ: ث. ٻن چئن لفظن جي موزون سٽ. بيت جي سٽ. مصرع جو حصو.

تُڪبَندِي: ث. نثر ۾ قافيه بندي.

تَڪَبُّر: ذ (ع) هٺ- غرور. آڪڙ. ڦونڊ.

تَڪبِيرَ: ث (ع) خدا جي وڏائي جو بيان. خدا جي وڏائي جو فقرو "الله اڪبر" (نماز يا جانور کي حلال ڪرڻ ۾).

تَڪبِيرَ وجهڻ: "الله اڪبر" چئي جانور کي سِير وجهڻ- ذبح ڪرڻ.

تَڪرارُ: ذ (ع) وري وري چوڻ. بحث. زباني جهيڙو. ضد- ٺڏو.

تَڪرارِي: ص. تڪرار هيٺ آيل- ٺڏي ۾ پيل (معاملو). جهيڙاڪ- فسادي.

تَڪَڙِ: ث. سيگهه- جلدائي. اٻهرائي. تاهُوت. بي صبري.

تَڪڙو: ص. تڪڙ ڪندڙ. اٻهرو- اتاولو. (ظ) جلد- سگهو. (ث. تڪڙي).

تُڪَلَ: ث. ننڍڙو لغڙ- گڏي (لغڙ).

تَڪَلُّفُ: ذ (ع) ٻئي کي تڪليف ڏيڻ جي رسم. تڪليف ڏيڻ جو عمل.

تَڪلِيفَ: ث. ڏکيائي- دشواري. ڏک- ايذاءُ. مصيبت. ڪشالو. بيماري.

تُڪمو: ذ (ف) سُٽ مان ٺهيل ٻيڙو- سَرٽ. هڪ قسم جو گل.

تَڪمِيلَ: ث (ع) پورائي. پڄاڻي- انتها.

تَڪَڻُ، تَڪِڻُ: م. ڏسڻ- نهارڻ. غور سان ڏسڻ. گهُورڻ. واجهائڻ.

تِڪو: ذ (ف. تِڪَہ) ٽڪرو (گوشت، مڇيءَ جو). ٻيرو- ڳيو.

تِڪا ڪرڻ: ٽڪرا ڪرڻ- ڳيا ڪرڻ.

تُڪو: ذ (ف. تُڪَہ) ڪاني يا ڪانيءَ جو تِيرُ. بنان انيءَ جي تِيرُ.

تُڪِي: ث. سَر جي ڪاني مان ٺهيل تِيرُ.

تُڪِي لڳڻ: ڀڄڻ. تکو ڀڄڻ. ڀڄي وڃڻ.

تَڪِيو: ذ (ف. تڪيه) وِهاڻو- سِرهاڻو. طول وهاڻو.

آسرو- ڏيہ. فقيرن جو آستانو. ماڳ- مڪان. آجهو.
فقيرن جي ٽيان پچائڻ جي ڪاٺي- بيراڳڻ.

تڪيه ڪلام: ذ (ع) اهو لفظ جو ڪو ماڻهو ڳالهائڻ ۾ ذري ذري ڪم آڻي (جهڙوڪ: سمجهئي نہ. چئبو تہ. سائين ڪي چوان وغيره).

تِڪَ: ث. تکائي- تيزي. پاڻيءَ جي تکي وهڪ. سج جي تپت- ڪاڙهو.

تِکو: ص. تيز (رفتار). جلد- تکڙو. ڦڙت. سراڻ چڙهيل (اوزار).

تِکو مَنو پوڻ: گهٽ وڌ ڳالهائڻ. ڪاوڙ مان ڳالهائڻ.

تڳاءُ: ذ. جياپو. جٽاءُ.

تڳائڻ: م. جيئرو رکڻ- زنده رکڻ.

تِڳائڻ: م. لڪائي ڪڍي وڃڻ- کِسڪائڻ- ترڪائڻ. گم ڪرڻ.

تڳڻ: م. جيئڻ. پساه کڻڻ. حياتيءَ جا ڏينهن ڪاٽڻ.

تڳي: ث. ڪاري رات.

تلُ: ذ. ترُ. گهوڙي جو هڪ سنج.

تل ڪرڻ: ترڪرڻ- گم ڪرڻ.

تلُ: ذ. ڪنهن وليءَ جي ٻارهين تي رڌل ڪاڌو (فقراء لاءِ)- کَنڌُوري. خيرات.

تِل ڦُل: ذ. معمولي خيرات. سادو طعام.

تُلُ: ص (سن) مَٽ- برابر- همسر. جهڙو- مثل. ثاني.

تُلَ: ث. اَيو زور- اُبي اچل- تڏ.

تُلَ ڏيڻ: اُبي چوڪ ڏيڻ. تڏ ڏيڻ.

تلاش: ث (ف) ڳولا. وِڙَ. پيا ڳاڇا. جاکوڙ.

تلاشي: ث (ف) تلاش- ڳولا. گهر يا جسم جو جهاڙو.

تلاطم: ذ (ع) زوردار هوا سببان ڇولين جو سٽڪو. لهرين جو زور. پاڻيءَ جو جوش.

تلافي: ث (ع) نقصان جي پورائي. عيوض (جيڪو پنهنجي مرضي سان ادا ڪجي).

تلاوَت: ث (ع) پڙهڻ (قرآن شريف)- دور (قرآن شريف جو).

تلاءُ: ذ (ف. تالاب) تانگهي پاڻيءَ جي کڏ. سَر. حوض.

تلخ: ص (ف) ڪوڙو- ڪسارو. ڪارو. کهرو. رکو (ڳالهاءَ).

تلخي: ث. ڪوڙاڻ- ڪڙائي. تيزي. ڪاراڻ.

تلخيص: ث (ع) اختصار- تَت.

تَلَف: ظ (ع) برباد- تباهہ- ناس. اجڙ- قتل. ضايع.

تلفظ: ذ (ع) اُچار. اکرن ۽ لفظن جو زبان مان صحيح مخرج.

تلقين: ث (ع) سکيا- تربيت. هدايت- نصيحت.

تِلَڪُ. تِلڪُ: ذ (سن) نراڙ تي ڀُرن جي وچ ۾ سُرمي سيندور سان ڪڍيل نشان. ٽِڪو (ڌرمي رسم جو).

تلميح: ث (ع) شعر ۾ ڪنهن قصي يا واقعي ڏانهن اشارو.

تِلميذُ: ذ (ع) شاگرد- طالب علم.

تَلوارَ: ث (سن. تروار) ترار- شمشير.

تَلوُرِ: ث. پاڻيءَ پکي جو هڪ قسم.

تِلوڪڙي: ث. سٽيءَ سان جسم تي جڙتو سائو يا نيرو تر (جو منهن يا ٻانهن تي سونهن لاءِ ٺاهجي).

تلوُن: ذ (ع) رنگن جي تبديلي.

تلوُن مزاج: ص. رنگارنگ مزاج وارو. ڦرندڙ گهرندڙ طبيعت وارو. غير مستقل مزاج. بيوفا.

تلوُٺا: ذ. رڌل چٽا. مٽر- کُهر.

تلهوُ: ذ. سَنهون لڪڻ- چَهو.

تلهيدارُ: ص. حمايتي. پاسو ڪندڙ- طرفدار.

تَلي: ث. تر واري زمين. هيٺاهين- نشيب- جهمَ. ماٿري- وادِي- ترائي.

تلي: ث (ع. طِحال) هڪ عضوو- رتڙي- ڦِهي.
تماشائي: ص. تماشو ڏسندڙ- وندر جو ڪوڏيو.
تماشيي: ص. تماشو ڏسندڙ- تماشائي.
تماشو: ذ (ف) نظارو- ڏيکاءُ. رونشو. کيل. ناٽڪ- سانگ.
تماشو ڏيکارڻ: کيل ڏيکارڻ. ڪرتب ڏيکارڻ. مزو چکائڻ.
تماڪُ: ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (جنهن جا سڪل پن ۽ ڏانڊا نشيدار دونهون ڏين).
تمامُ: ظ (ع) سڀ- سارو- سمورو. مڪمل. ختم- پورو. بلڪل- ڏاڍو. گهڻو.
تمام شُد: ظ. ختم ٿيل- پورو ٿيل.
تمّت: ظ (ع) ختم. پورو. مڪمل.
تمثيل: ث (ع) مثال. تشبيه. نمونو. نقل.
تمدّن: ذ (ع) گڏجي رهڻ جو طريقو. شهري زندگي جو نمونو. شهر جو نظام.
تمسخر: ذ (ع) مسخري- ٺٺول- چٿر.
تمسڪُ: ذ (ع) ٺراوت طور رکيل رقم. هُنڊي.
تمغو: ذ. سون چاندي وغيره جو ٻلو (جو ڪنهن خاص ڪارنامي يا خدمت طور انعام ڏنو وڃي).
تمنُ: ذ (ف) لشڪر. بلوچ قبيلو.
تمندارُ: ذ. سردار.
تمنّا: ث (ع) خواهش- سڌ- آرزو.
تمنچو: ذ (ف) پستول.
تمهيدَ: ث (ع) ابتدا- شروعات. مهاڳ- ديباچو.
تميزَ: ث (ع) سڃاڻپ (کري کوٽي جي)- شناخت. فرق- تفاوت. عقل- هوش. سياڻپ.
تنُ: ذ (ف) بدن- جسم- ٻت.
تن تنها: ص. اڪيلو- يڪي سر. ڇڙو.

تن مَن: ذ. جسم ۽ جان- جند جان.
ٽُنُ: ذ (سن) ٽُنگ. سوراخ. ڪوڻري جو ٽُنرو. ليندي (ٽانءِ جي). حقي يا چلم جو نڙ وجهڻ جو سوراخ. ٻيڙيءَ جو تر وارو سوراخ. ڪپڙي جو سوراخ.
ٽُن پرڻ: ڪپڙي جو ٻور پرڻ.
تنازُع: ذ (ع) معاملو- تڪرار. جهيڙو. نفاق.
تناسُبُ: ذ (ع) موافقت. برابري. مشابهت.
تناسُخ: ذ (ع) مرڻ بعد روح جو ٻئي قالب ۾ جنم وٺڻ جو عقيدو.
تناوُر: ص (ف) ٿُلهو. تندرست.
تناوُل: ذ (ع) کاڌو- طعام (کائڻ).
تنبڻُ: م (ف. تنبيدن) هوا ۾ هيٺ مٿي ٿيڻ. ڏنگڻ (ڪٽ تي). ڪڏڻ (وهٽ وانگر). باز جو شڪار جي مٿان ڦرڻ.
ٽُنبڻُ: م (ف. ٽُنبيدن) ذرا ذرا ڪري صاف ڪرڻ (ڪپهه)- پيڃڻ. ڪُوندڻ. سَڃڻ (ڇهن سان).
تنبُو: ذ (ف) خيمي جو هڪ قسم.
ٽنبو: ذ. سُڪل ڪدُو. (ص) پيٽ ڦوڪيل.
تنبُور، تنبُورو: ذ (ف) سُرندي مثل وڄائڻ جو هڪ ساز- دَنبُور.
ٽُنبي: ث. ننڍو تنبو. گهگهيءَ جهڙو سڪل ڪدو (جنهن ۾ مٿيون پاسو وڍي فقير ان ۾ خيرات وٺن).
ٽُنبيرُ: ص. ٽُنبي وارو ساز وڄائيندڙ.
تنبيهہَ: ث (ع) آگاهي- چتاءُ. فهمائش- چيتي.
تنتَ: ث (سن) تَند. وار نلي.
تنجَڻُ: م (ف. تنجيدن) ڇڪي سوڙهو ڪري ٻڌڻ. زور سان پرڻ. ڇڪڻ- ڪشڻ. ننڍڙي ٻار جي ٽنگن ٻانهن کي سنئون ڪري تنجڻ سان ٻڌڻ (جئن ٻار جا عضوا سهڻا سڌا ٿين).

تَنجَڻُ، تَنجِڻو: ذ. اهو ڪپڙو جنهن سان ٻار کي ويڙهي ٻڌجي- ٻاروتو.
تَنخواهَ: ث (ف) نوڪري يا خدمت جي عيوض مهيني جو مقرر معاوضو- پگهار.
تَندُ: ث (سن. تنت) سنهڙو ڌاڳو (ڪپهه، اُن، ريشم وغيره جو). سنهڙي تار (لوهه، سون يا ڪنهن ڌاتو جي). ساز جي تار.
تُندُ: ص (ف) تيز- تکو. شوخ- ڪاوڙيل. رکو.
تُند مزاج: چيڙاڪ. بدمزاج.
تَندرُست: ص (ف) چڱو ڀلو- صحتمند- سگهو.
تَندرُستي: ث. چڱيلائي- چاقائي.
تِندو، تَندو: ذ. اُهو رسو جنهن ۾ گهڻا ڳاڪرا ڦر سلهاڙجن (هڪ تندي ۾ ويهه ٽيهه ڦر ٻڌجن).
تندو تائڻ: ڳالهه کي ڊيگهه وٺائڻ. معاملو وڌائڻ.
تُندِي: ث (ف) تيزي- تکاڻ- تاهوت. شوخي.
تِنرو: ذ. اک جي نوڪ (نڪ جي پاسي واري جنهن مان لڙڪ وهن). ڪوئنري جي ٽُن.
تَنزُّل: ذ (ع) مٿانهين درجي تان هيٺ لهڻ يا ڪرڻ. زوال. پستي.
تَنظِيمَ: ث (ع) انتظام- بندوبست. جوڙجڪ- ناهه نوهه. سٿاء. ترتيب.
تَنقِيدَ: ث (ع) لکيت مان خوبيون ۽ خاميون ظاهر ڪرڻ جو فن. پرک. نڪته چيني.
تَنگ: ص (ف) سوڙهو. جڪڙيل- ڀِڙل. ٿوري (جاءِ). گهٽيل. ناڪافي- اڻپورو. ڪک- خفي.
تنگ ٿيڻ: سوڙهو ٿيڻ. گهٽجڻ. ڪک ٿيڻ- ورچڻ. عاجز ٿيڻ.
تنگ دست: ص. سڃو- ڪنگال. مفلس.
تنگ طلبي: ث. ڏکئي وقت ۾ قرض جي تقاضا. سوڙهي گهٽ- چڪ تاڻ.
تنگ ڪرڻ: بيزار ڪرڻ. ستائڻ. عاجز ڪرڻ.
تنگ نظر: ص. تعصبي. بخيل.
تَنگُ: ذ (ف) گهوڙي جو هڪ سنج (چمڙي يا سٽ جو پٽو جنهن سان هَنو پٺيءَ سان سوگهو ٻڌجي).
تنگ چنائڻ: پاڻ کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪرڻ. وڃڻ لاءِ جند آجي ڪرائڻ. تمام گهڻي تڪڙ ڪرڻ.
تَنگِي: ث (ف) سوڙهه- گهٽ. سڃائي- غربت.
تَنُ: م. ڪپڙي جي ٽُن کي سُٽي سان اُڻڻ- ٻور پرڻ.
تَنوارَ: ث. جهونگار سان آواز. لات (پکين جي)- للڪار. سڏ (چوپائي مال کي). ذڪر جي هونگ. پڇار.
تَنوارَڻُ: م. آلاپڻ. ٻولڻ. لنوڻ. وڄڻ (ساز).
تَنُورُ: ذ (ف) ٻني (ماني پچائڻ جي). ڪُورو (باهه جو). مچ- آڙاهه.
تَنومَند: ص (ف) طاقت ور- سگهارو. تلهو متارو. تندرست.
تَنوِير: ث (ع) نُور. روشني- تجلو.
تَنوِين: ث (ع) لفظ جي پڇاڙي واري اکر سان "نُون" گڏي اچارڻ خاطر ٽَنل ٻه زبرون، زيرون يا ٻه پيش.
تَنها: ص (ف) اڪيلو- هڪڙو. جدا- الڳ.
تَنهائي: ث (ف) اڪيلائي. خلوت.
تَنڪَ: ث. چڪَ- چڀي.
تَنو: ذ. پرت پريل ڪپڙي جو ٽڪر (جو گهگهي يا گج جي ڇاتيءَ وٽ هڻبي).
تَوُ، تَئو: ذ. گرمي. سيڪ- گرمائش. ماني پچائڻ لاءِ لوهه جو گول ٽُڪر.
تَوارَ: ث. ڏسو "تنوار".
تَوارِيخَ: ث. "تاريخ" جو جمع. تذڪرو. داستان. اتهاس.

تَوازُن؛ ذ (ع) وزن. تورَ. برابري.
تَواضُع؛ ذ (ع) آدرڀاءُ- خاطرمدارت. نياز نوڙت. مروت. نهٺائي.
تَوانائي؛ ث (ف. توان) طاقت- سگهہ. چاقائي- تندرستي.
تَوانو؛ ص (ف. توان) طاقتور- سگهارو. ڇڱو ڀلو- تندرست.
تَوائي؛ ص. واتڙو- حيران. گمراهہ.
توپَ؛ ث (ف) بارود وارا گولا اُڇليندڙ ڪَل- توف.
توپچي؛ ص. بندوق هلائيندڙ. نشاني باز چيتو شڪاري.
توبرو؛ ذ (ف) چمہ جي ٿيلهي يا ڳوٿري جنهن ۾ داڻو وجهي گهوڙي جي منهن تي چاڙهي ڇڏجي تہ داڻو پيو کائيندو- پاهورو.
توبري جَهلُو؛ صِ. خذمتگار. نوڪر. پوئلڳ.
توبَهہ؛ ث (ع. توبه) گناهن کان پڇتاءُ. پشيماني- ندامت. برن ڪمن کان پري رهڻ جو انجام.
توبهہ ڪرڻ؛ پڇتائڻ. هميشہ لاءِ بس ڪرڻ.
تُوتُ؛ ذ (ع) هڪ قسم جو وڻ.
تُوتارِي، تُوتِڙِي؛ ث. هڪ قسم جو ساز- شرناءِ.
تُوتَڙُ؛ ذ. ڪوڙي ڳالهہ (ڪنهن کي ڀڄائڻ لاءِ). ڀونگ- مِڪر.
تُوتِيو؛ ذ (ع. تُوتيا) هڪ قسم جو پسارڪو وکر.
تَوجُهُ، تَوجُهہ؛ ذ (ع) ڌيان- خيال. لاڙو.
تَوجِيہ؛ ث (ع) سبب (بيان ڪرڻ). دليل.
توحِيد؛ ث (ع) الله تعاليٰ کي هڪ ڪري مڃڻ جو عقيدو. وحدانيت- هيڪڙائي.
تَوڏُ؛ ت. بحث- هوڏ. ناز سان هلڻي- تورَ.
تَوڏِجَڻُ؛ مِ. ضد ڪرڻ. هوڏجڻ. بحث ۾ پوڻ.

توڏو؛ ذ. هڪ سال جي عمر يا گهٽ عمر وارو اُٺ جو گونرو. (ع. توڏي).
تورَ؛ ث. ماڻ- وزن. ڪنهن شيءِ (خصوصا اناج وغيره) جي وزن سان ڪَٽ.
تُورُ؛ ذ. ساڱي وهي وارو ٻار- هڪ ئهي. هم عمر. ٻُونگر- ٻُور. منداٽتو ڪچڙو ٿر (ولين يا وڻن جو). نسل- ٻُڻ. آرو (ڪکڙ جو).
تُور ڪرڻ؛ ٿر ڏيڻ جي موسم وڃڻ. وهي وڃڻ.
تَورات، تَوريت؛ ذ (ع) حضرت موسيٰ عليہ السلام تي نازل ٿيل ڪتاب.
تورتَڪَ؛ ث. وزن ماپ. ڳڻ ڳوٽ- سوچ ويچار.
تُورزن؛ ذ (انگ) انگريزي ڪهاڻين جو جهنگل ۾ پليل روايتي ڪردار- تارزن. پهلوان.
تورَڻُ، تورِڻُ؛ مِ. تور ڪرڻ- وزن ڪرڻ. اندازو ڪرڻ (ڳالهہ جو).
تورڻ تڪڻ؛ چڱيءَ طرح اندازو لڳائڻ. ڪنهن ڳالهہ کي هر پهلوءَ کان ڏسڻ. آزمايش وٺڻ.
تورو؛ ذ. وزن ڪرڻ جو وَٽُ.
تُورِي؛ ث. هڪ قسم جي ول ۽ ان جو ٿرُ (ڀاڄيءَ طور ڪم اچي).
تُورِيو؛ ذ. ڄانبي جو هڪ قسم (تيلي ٻج).
توڙُ؛ ذ. ڇيهہ- دنگ. حد. پڇاڙي. آخر- نهايت.
توڙ نباهڻ؛ پڇاڙي ڪرڻ. ڇيهہ تائين رسائڻ. آخر تائين وفاداري ڪرڻ.
توڙي، توڻي؛ ظ. اگرچ- جيتوڻيڪ.
تَوسَطُ؛ ذ (ع) واسطو. وسيلو- ذريعو.
تَوَسُلُ؛ ذ (ع) وسيلو- ذريعو. سفارش.
تَوسِيعَ؛ ث (ع) ڪشادگي- پکيڙ. واڌارو.
توشو؛ ذ (ف. توشه) سفر جو سامان. سفر جو کاڌو.

سامان– سمر. ڏڍ– آسرو.

توشاخانو؛ ذ. گهر ۾ سامان سڙي رکڻ لاءِ ڪوٺي. بادشاهي قيمتي سامان رکڻ جي جاءِ.

تَوصِيفَ؛ ث (ع) خوبي. واکاڻ. صفت– ساراهه.

تَوضِيحَ؛ ث (ع) تشريح– سمجهاڻي– وضاحت.

توف؛ ث. ڏسو "توپ".

توف جي منهن ۾ ڏيڻ؛ موت جي منهن ۾ ڏيڻ. وڏي مصيبت ۾ وجهڻ.

تَوفِيقَ؛ ث (ع) خدا طرفان رهنمائي، مدد ۽ موافقت. سگهه– همت.

توقُعُ؛ ذ (ع) اُميد. امڪان.

تَوَقفُ؛ ذ (ع) ترسڻ جي حالت– وقفو. دير– ترسڻ.

توقِير؛ ث (ع) عزت. تعظيم.

تَوَڪل؛ ث (ع) ڀروسو (خدا تي). سڀ ڪجهه ترڪ ڪري خدا ڏانهن توجهه ڏيڻ.

تَوَڪلِي؛ ص. توڪل ڪندڙ. ڀروسو رکندڙ (الله ۾).

تَوَلُد؛ ذ (ع) ڄمر– ولادت– جنم.

تولو؛ ذ. تولي جو وزن– ڏُڪو.

تُومانُ؛ ذ (ف) صُوبو. صوبي جو لشڪر. اٽالو– لشڪر. ٺاٺ. دٻدٻو.

تُون؛ ض (ف. تُو) حاضر واحد سان مخاطب ٿيڻ جو لفظ.

تُونهِين تون؛ ذ. خدا جو ذڪر. ڌڻيءَ جي واکاڻ.

تَونرِي؛ ث. ٻَن گاهه مان ٺهيل تڏو.

تَونسَ؛ ث. گرمي. بخار. هلڪو بخار– ڪَتِس. اُڃَ– پياس.

تَونگُ؛ ذ. وڏو ٻنو. گهٽي پوک واري لاڳيتي جابلو زمين. باراني ايراضي. وڏو تلاءُ.

تَوَنگرُ؛ ص (ف) دولتمند– شاهوڪار.

تَوَهِ؛ ث. هڪ مهل جو ڪاڏو– ويلو. رات ڏينهن جو ڪاڏو. رڌپچاءُ– سانجهڻ.

توهرُ؛ ذ. راضيپو. ٻاجهه– ڪرم. ڀلائي. بخشش. ڀروسو.

توهِينَ؛ ث (ع) حقارت. بيعزتي. ذلت.

تَههُ؛ ذ (ف) تَر– ترو. پڙدو. ورق (ڀنبي جو)– ٻَرتُ. پوشُ. پُڙ (رلي يا ڪپڙي جو).

ته و بالا ڪرڻ؛ هيٺ مٿي ڪرڻ. اُٿلائڻ پٿلائڻ. برباد ڪرڻ.

تُهُ؛ ذ (سن. تُش) اَن جي داڻي جي کل– تُوتڙ.

تَهبارُوڻ، تَهوارُون؛ ث. ذرا ڀرزا. ليڙون ليڙون. ڇيهون ڇيهون.

تَهتِ، تَهتا؛ ظ. ترت– يڪدم– فورا.

تَهجَدُ؛ ذ (ع) پوئين رات جاڳڻ. اڌ رات کان پوءِ ٻاک ڦٽڻ کان اڳ واري نماز.

تَهجِي؛ ث (ع) زير زبر سان حرف پڙهڻ– هجَ.

تَهخانو؛ ذ (ف) زمين ۾ اندر ٺهيل گهر– ٻُهرو.

تَهدَرِ؛ ص (ف) نئون– ڪورو (ڪپڙو).

تَهدِل؛ ث (ف) دل جي گهرائي. (ص) دل جان سان.

تَهذِيبَ؛ ث (ع) درستي. ناهه جوڙ. خوش اخلاقي. انسانيت.

تَهَرِي؛ ث. ڳڙيا ڪنڊ ۾ رڌل ڀت– منو ڀت.

تَهطلب؛ ظ. جلدي– يڪدم– تهتا.

تَهلڪو؛ ذ (ع) هُل– غوغاءُ. ڦڙڦوٽ.

تُهمَت؛ ث (ع) بهتان– الزام. ڪوڙو بهتان.

تَهنِيَتَ؛ ث (ع) مبارڪ باد– خوشخبري.

تُهِي؛ ث. تُهَ. اَن يا ڪڻهن ٻج تان لٿل سنهڙيون کلون.

تِهِي دَست؛ ص (ف) خالي هٿن. ڪنگال– سڃو. سکڻو.

تَشُ، تَوُ؛ ذ. سِڪ– گرمائش. ڪوساڻ.

تَٿَ لڳڻ: مٿيان لڳڻ- ڪاوڙ لڳڻ.
تئو: ذ (سن. تاوِڪ) ماني پچائڻ لاءِ لوھہ جو گول تئو.
تئو گهمائڻ: ڪارو مُنهن ڪرڻ. جٺ ڪرڻ.
تئونسَ: ث. اُڃ- پياس. جهيڻو تپ- ڪَڻس.
تَئي: ث. لوهي ڪَنهي (پڪوڙن وغيره ترڻ لاءِ).
تَيارِ: ظ (ف) سنيريل (ملڻ لاءِ). آماده- مائل. حاضر- موجود. راس- مڪمل.
تَيارِي: ث (ف) سنبت. آمادگي. تڪميل. ناھہ جوڙ.
تِياڳُ: ذ. تَرڪ. علحدگي. ڪناره ڪشي. ويراڳ.
تِياڳِي: ص. دنيا کي ترڪ ڪندڙ- تارڪ. ويراڳي.
تِياڳڻُ: م. ڇڏڻ- ترڪ ڪرڻ.
تيپري: ث. حرفت- لچائي.
تيپرِيُون پڏائڻ: سڌيون پڏائڻ.
تِيتالَ: ذ. تيرهن تال. نخرا. ڍونگ- مڪر.
تيجُ: ذ (سن) تجلو- روشني. سوبيا. ڏيا- حشمت.
تِيرُ: ذ (ف) باڻ- ڪانُ- ناوَڪ.
تِير مژگان: ظ. اکين جا تير- نگاهن جا تير.
تَيراڪُ: ص (ف) تري جاڻيندڙ- تارُو.
تِيرَٿُ: ذ (سن) مهاتمائن جي رهڻ جي جاءِ. پاڪ جاءِ. هندن جو زيارت گاه.
تيرٿَ پِيئڻ: تڪيا پيئڻ. ڪشالا ڪڍڻ.
تِيرَگِي: ث (ف) ڪارڻ. اونداھہ.
تيرَهَن: ص (سن) هڪ عدد (۱۳).
تيرهن تالِي: ث. تمام قابل ناچڻي (جيڪا ڪلهن، ڪنڌ، لونئين، ڪراين، گوڏن ۽ ٽنگن ۾ يارهن ۽ ٻہ ڪنجهيون ٽالهڙيون هٿن ۾ جهلي وجت جي تار تي ناچ ڪري). نهايت چالاڪ- حرفتي. گهڻا مڪر ڄاڻندڙ.
تيرهن تيزيون: ث. صفر مهيني جون پهريون تيرهن تاريخون (جن ۾ حضور پاڪ جن ناچاڪ رهيا تنهن ڪري اهي تاريخون نحس سمجهي زالون انهن ڏينهن تي مرڻي پرڻي جون رسمون ڪين ڪن).
تيرهن وجائي ڇڏڻ: حيران ڪرڻ. حواس گم ڪرڻ.
تيرهو، تيرهيو: ص. تيرهون- ڏاڍو چالاڪ. اٽڪلي. پيسڪوٽ راند ۾ ٻاونجاھہ پتا کڻي شڪست ڏيڻ ٻاون. مشهور شاعر فقير غلام حيدر تيرهيو (جيڪو ڪيچ ملڪ جي جُوءِ "تيرهين تڙ" جو وينل هو).
تيزُ: ص (ف) تکو- تکڙو- جلد. سراڻ چڙهيل (ڪپ، ڪاتي وغيره). تلخ- ڪارو (ذائقي ۾).
تيزفهم: ص. نهايت سمجهو- ڏاهو- هوشيار.
تيزابُ: ذ (ف) گندرف جو پاڻي.
تيزِي: ث (ف) جلدائي. ڦڙتي. چالاڪي. تکڙ. ڪڙاڻ. چڙ. مهانگائي.
تِيزِي: ث. ٻاراڻي راند جي گول ٺڪري- دِٻو.
تِيسِرُ: ص. تِيسو ڪندڙ. گهيي ڪندڙ. ضدي.
تِيسو: ذ. ضد- هوڏ. گهيي. ڪروڌ. رُسامو.
تيشِي: ث (ف. تيشه) رازڪي ڪم جو هڪ اوزار.
تيغَ: ث (ف) تلوار- شمشير.
تيغ ابرُو: ث. سنهڙو سهڻو ڀروُن (جو تلوار وانگر ڏسڻ ۾ اچي).
تيغو: ذ. گچ يا گاري جو ڳنڊيو (درز بند ڪرڻ لاءِ).
تِيڪَ: ث. دست (پتڙو پاخانو).
تِيڪائِڻُ: م. هنگائڻ. سخت پورهيي جو ڪم وٺڻ. راند ۾ ڊوڙائڻ.
تِيڪَڻُ: م. دست هڻڻ. سخت ڪم ڪري ٿڪجي پوڻ. گهڻي ڊوڙ ڊڪ ڪرڻ.
تيڪو: ذ. ڪاٺين جي پت (جيڪا اندران ٻاهران گاري سان لتل هجي).
تيڪُ: ذ (ف. تيز) تِکَ- تيزي. وَهُڪ (پاڻي جي).

تڙ- تپش.

تيلُ؛ ذ. ڪنهن تيلي ٻج (سرنهن، جانيي وغيره) جو روغن. سٿپ- چڪنائي. معدني پاڻيٺ (گاسليٽ، پيٽرول وغيره).

تيل ڦليل؛ ذ. گلن ڦلن جو تيل. عطر. سينڌ سرمو. هار سينگار.

تيلي؛ ص. تيل وڪڻندڙ. ڇاڪي.

تِيلو؛ ذ. گاهہ وغيره جو ڪانو. سَلو.

تِيلي؛ ث. گاهہ جو سنهرن ڪانو- تِيلو. ڪانهن يا سَرن جي ڪاني. ماچيس واري دارُون لڳل ڪاني.

تيلي ڏيڻ؛ باهہ لڳائڻ. جهيڙو جاڳائڻ.

تيمارداري؛ ث (ف) بيمار جي خدمت ۽ همدردي. ٽهل. چاڪري.

تَيَمُّ، تَيَمَّمُ؛ ذ (ع) پاڻي نہ ملڻ جي حالت ۾ مٽيءَ سان وضو.

تِيِهِ؛ ص. هڪ عدد- ٽي (٣).

تِيهِ وال؛ ذ. نيلام ۾ ٽي ڀيرا واڪُ. نيلام ۾ ڏنل واڪُ.

تيهِ وال ڪرڻ؛ تورن پڇسن ۾ نيڪال ڪرڻ. وڪڻڻ.

تيورو؛ ص. صاف ڪندڙ (اوزار يا هٿيار)- صيقلگر.

تِيوَڻُ؛ ذ. گوشت. ڀوڙ ڀاڄي. ڳنڍڻ.

ٿ

ٿ؛ "سنڌي الف- بي" جو ڇهون اکر. "ت" ۽ "هہ" جو گڏيل اُچار. ابجد موجب عدد "ت" جي برابر (٤٠٠).

ٿاٻرُ؛ ص. ٿابو کائيندڙ (وهٽ). اٽڙندڙ. ٿابا کائيندڙ.

ٿاٻڙجَڻُ؛ م. ٿاٻو کائڻ. اٽڙڻ- باهڙجڻ. رنڊجڻ. پلجڻ.

ٿاٻڙَڻُ؛ . ٿابو کائڻ. اٽڙڻ- باهڙڻ. وچڙي ڪرڻ.

ٿابو؛ ذ. ڪنہ ڪوبي سبب آيل ڏڪ. رنڊڪ (هلڻ ۾). گهوڙي جي پنڌ جو هڪ عيب (هلندي اٽڙجي).

ٿابا جَهلڻ؛ ڏڪا جهلڻ. اجايو رلڻ. دربدر ٿيڻ. ٺولاڪا کائڻ. ڏڪا کائڻ.

ٿابو اچڻ؛ روزاني عمل ۾ رنڊڪ پوڻ- ناغو پوڻ. چوپائي مال (خصوصا مينهُن) کي روزانو مقرر چارو وقت تي نہ ملڻ. وعدي موجب ڪم نہ ٿيڻ- ڏڪ اچڻ.

ٿاپَ؛ ث. ٿپڻ جي حالت. ٿپڪي. ٿقيل ڇيٽو.

ٿاپَ ڪرڻ؛ جهڳي هڻڻ- ٻڪ ڪرڻ. داڦ ڪرڻ.

ٿاپڻُ؛ م. ٿڦڻ (ڇيٽو وغيره). ليپو ڏيڻ- راڳڻ. داٿڻ. مقرر ڪرڻ- ويهارڻ (ڪنهن عهدي تي)- نامزد ڪرڻ.

ٿاپي؛ ث. ٿپڻ جو عمل. ٿپڪي. ڪنيارڪي ڪم جو هڪ اوزار- ٿانون ٿپڻ لاءِ ڪاٺ جي پٽي- ٿپٽي. مِٽي ڪُٽڻ لاءِ ٿرمي.

ٿاجو؛ ذ. ٽولي- جماعت- رفاقت. ڪچهري- رهاڻ.

ٿاڌلِ؛ ث. ٿڌڪار. ٿڌڪار وارو هنڌ. ٿڌي پاڻيٺ.هڪ قسم جو ٿڌو شربت (جو باداميون، خسخس ۽ ٻيون ٿڌيون شيون گهوٽي ٺاهجي ۽ گرمي ۾ پيئجي).

ٿاڌل پاڻي ڪرڻ؛ نيرن پاڻي ڪرڻ. نشو پتو ڪرڻ. شربت وغيره پيڻ.

ٿارُ؛ ذ. ٿالهہُ. جنڊ جي هيٺان رکيل ٺڪر جو وڏو ٿالهہ (جنهن ۾ پيٺل اٽو ڳڏ ٿئي)- ٿارُ. ڪُڪڙ جي آري ڪرڻ واري جاءِ.

ٿاري؛ ث. ٿالهي. پُوٺو- نِيَهنڊ. گهر گهر ۾ ڏنل شاديءَ

جي ماني.

ٽاريچو؛ ص. ٽر جو رهاڪو- ٽري. (ث. ٽاريچي)

ٽاريلو؛ ص. ٽر جو رهاڪو- ٽري. (ث. ٽاريلي).

ٽاريلي؛ ث. بلبل جو هڪ قسم.

ٽاڪَ؛ ث. ويڪري شيءِ. سنهو ۽ ويڪرو تختو. وڏو جيٺو. ٽِڪَ. اجايو ڳالهائڻ- ٻَڪ- ڊاڪَ.

ٽاڪَ ڪرڻ؛ ٻڪ ڪرڻ- بيهودو ڳالهائڻ.

ٽاڪڻُ؛ م. آٽي مِٽي يا ٻي نرم شيءِ کي ٽڪي پکيڙڻ- ٽِڪڻ. ٻَڪ ڪرڻ. ڊاڪڻ. نامزد ڪرڻ- ٽاپڻ.

ٽاڪو؛ ذ. ڪاٺ جي ڊوڪِي. ڊوڪِي مان سنهو ويڪل تختو. هرلي يا نار جي هڪ ڪاني (چڪر جي وچ ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاني). آويءَ جي مُنهن کي ڍڪڻ لاءِ ٺڪر جو وڏو گول ڍڪ- ڪَٽهو.

ٽاڪوڙو؛ ذ. پاڻيءَ ۾ هٿ جو ڌڪ. ترڻ يا ٻوڙطي کائڻ وقت پاڻي ۾ هٿ هڻڻ.

ٽاڪوڙا هڻڻ؛ پاڻيءَ ۾ هٿ هڻڻ (ترڻ مهل). هٿ پير هڻڻ. ڪوشش ڪرڻ. بي دليل بهانا ڪرڻ.

ٽاڪي؛ ث. ڪنيارڪي ڪم جو هڪ اوزار - ٺپڻي. رازڪي ڪم جو هڪ اوزار- لِٻَ جو مارو. ننڍو جيٺو.

ٽاڪَ؛ ذ. هنڌ- ماڳ. منزل- ٻاڻو. فقيرن جي بيٺڪ- آستانو. ڪنهن ملڪ يا علائقي جي حد ڏيکارڻ لاءِ پَڪو بُرج يا منارو.

ٽاڪَ ٻَڌي؛ ث. حدبندي. هرهڪ زميندار جي زمين جي حد نروار ڪرڻ ۽ ان جي پل جي مقرري.

ٽاڪَ تي اچڻ؛ ماڳ تي اچڻ. آستاني تي اچڻ. پوري پير تي اچڻ.

ٽاڪوڙو، ٽاڪيڙو؛ ذ. ٽَڪُ- ٽڪاءُ ٽ- چوڪڙو. ٽوري ٽڪاوَٽ.

ٽالُ؛ ذ. ٽالهه.

ٽالهه؛ ذ. ٽاٽوءَ (ٽامو، پتل، ڪنجهو، لوهه) جو وڏو گول ٽراڪڙو ٿانءُ. وڏي ٽالهي- طشت.

ٽالهه پرجي اچڻ؛ (ڪنايه) ڪجهه به نه ملڻ. سارسنڀال نه ٿيڻ.

ٽالهي؛ ث. ٽاٽوءَ مان ٺهيل ننڍو گول ٽراڪڙو ٿانءُ.

ٽالهي ٽِرڻُ؛ هڪ هنڌ تمام گهڻا ماڻهو گڏ ٿيڻ (جو ٽالهي اُڇلائجي ته ماڻهن جي مٿن تان ترندي وڃي ۽ هيٺ نه ڪري). گپاگيهه ٿيڻ.

ٽالهي مان ڪڍڻ؛ ڪاڌي پيتي مان جدا ڪرڻ. نيات مان ڪڍڻ- برادري مان ڪڍڻ.

ٽاڻُ؛ ذ. ماڳ- ٽڪاڻو. آستانو. گهوڙن جو ڪُڙهه- ٿاڻُ. ڪپڙي جو ٽاڪيو.

ٽاڻَ تي اچڻ؛ ماڳ تي موٽڻ. پوري پير تي اچڻ- سڌرڻ.

ٽاڻَ جي شوخي؛ گهر ويٺي جي سيٺَ. ٺلهي آڪڙ.

ٽاڻَ ۾ اچڻ؛ سامَت ۾ اچڻ. ٽڪل گهوڙي جو زمين تي ليٽهڙو ڪرڻ.

ٽانگُ؛ ذ. ٽاڪُ. چورن جي لڪڻ جو هنڌ- ٺَرُ. پاٽاري. چوري ٿيل مال جو ڏس پتو. پاريٽو- پير کُر. چوريءَ جو مالُ.

ٽانوَرُ؛ ذ. جمعو- جمعي جو ڏينهن. (ص) سکيو- آسودو- خوشحال.

ٽانهَرَ، ٽانهِرَ؛ ث. ماڳ. جُوءِ. بيٺڪ. مال جي ويهڪ واري جاءِ (جتي چانولو هجي). فرحت- آسائش. صبر.

ٽانهريو؛ ص. فرحت ۾- آسائش ۾. صبر سان. آرامي.

ٽانهءُ؛ ذ. برتن- باسڻ- رَڇُ.

ٽانوَ ٽِپا؛ ذ. گهر جو سامان- ٺِڪر ٺوٻَر.

ٽانٺرو؛ ص. صبر وارو- ڌيرجوان.

ٽانٺِڪو؛ ص. هڪ هنڌ جمي ويٺل. ٽانيڪو. (ث.

ٿانئڪي).

ٿانءِ ڌارڻ: بردبار ٿيڻ- ڌيرج ڌارڻ. وڏي دل رکڻ.

ٿانءِ ٿُو ٿيڻ: ٿانيڪو ٿيڻ. محفوظ هنڌ تي رهڻ.

ٿاڻُ: ذ. ٿانُ- ٺاڻ. ٿاڻو- ماڳ. منزل.

ٿاڻَ ٻَڪو: ص. هٿيڪو. ٿانِيڪو. ٿاڻي جو قيدي.

ٿاڻو: ذ. آستان- ماڳ- ٿاڪُ. گهَرُ- بيٺڪ. منزل. مرڪزي ماڳ (خاص ڪوهستان ۾ جتي سردار رهن). ٿانُ- ٺاڻُ. پوليس چوڪي- گهاٽُ.

ٿاڻا ٻُڌائڻ: جدا ڪم ڪرڻ. ڏوهه جهڙا ڪم ڪرڻ (جن جي ڪري ٿاڻو ڏسڻو پوي). چورين يا جهيڙن ۾ وقت گذارڻ.

ٿاڻو بيهارڻ: چوڪي بيهارڻ. پوليس جو پهرو بيهارڻ.

ٿاڻيدارُ: ص. ٿاڻي جو عملدار- صوبيدار.

ٿاههُ: ذ. گهَرائي- عمق- اونهائي (پاڻي جي). ترو (ڪوهه يا درياءَ جو).

ٿاهَرِ: ث. صبر- ڌيرج. تحمل- بردباري. آهستگي. مدد- واهر. ڏِي- آڌر.

ٿاهَرِ ٿوبَ: ث. ڏِي- آڌر. دلداري.

ٿاهِرَڻُ: م. صبر سان ويهڻ. سک سان ويهڻ.

ٿاهِي: ث. ٿانگهو پاڻي. ٿانگهي پاڻي مان هلڻ جو گس.

ٿُبُ: ذ. گاهه وارو ٻوڙو- ٻُٽُ. ٻڳل ڌند جو خال.

ٿپ ٿپ: ث. ماني ٿڦڻ جو آوز- ٿپ ٿپ.

ٿپ ٿپ ڪرڻ: نقصان کان پوءِ ان جي پورائي لاءِ اجائي ڪوشش ڪرڻ.

ٿُهو: ص. ڌندن ٻڳل- پَپو.

ٿُهو: ذ. گاهه جو ٻوڙو- ٻُٽ.

ٿُپِي: ث. ٿنڊو ٻوڙو- ٻِٽي. گاهه جي مُٺ. ٿنڊي جانور جو ٿُوهو.

ٿِٽ: ث. هميشگي وارو ڪم يا عادت. هيرَ روزانو مقرر ڪم. ڪنهن ڪم لاءِ مقرر جاءِ يا وقت- ٽيٽ.

ٿِٽِ ٻڌڻ: انجام ٻڌڻ. ٽيٽ ٻڌڻ. ثابت قدمي اختيار ڪرڻ.

ٿُڪارَ: ث. ٿُڪن اڇلائڻ جو عمل. ٿُڪون هڻڻ. ڇِٽ ڦِٽ- ملامت.

ٿُڪارَڻُ: م. ٿُڪون هڻڻ. ٿُوٿُو ڪرڻ- ٿوڪارڻ. ٿڪون هٿي ڇڏڻ- ڌڪارڻ.

ٿَڪاهِ پَٿاهِ، ٿَڪاهِ ٿَڪاهِ: ص. واتڙو- حيران. ٻَتال.

ٿَڙِڪڻُ، ٿِڙِڪڻُ: م. ترڪڻ (پير). ڪسڪڻ- ٿِڙڻ- ٿڙڪڻ. ٻِڇڻ.

ٿُڪُ مُٺُ: ص. چُپ- خاموش. ٿلهو متارو- بيدولو.

ٿَپو ٿَپ: ث. ٿپڻ جو آواز- ٿَڦ ٿَڦ. هٿن سان هلڪا ڌڪ. طبلي جو آواز.

ٿپ ٿپ ڪرڻ: پاڻي يا گپ ۾ هٿ هڻڻ- ٿاڦوڙا هڻڻ. ڇيٽا وغيره ٿڦڻ. ڪپڙا ڌوئڻ ۾ هٿن سان ڪپڙا سٽڻ. ٻار کي سمهارڻ وقت هلڪا هٿ هڻڻ.

ٿَپُڙُ: ذ. ڳل تي هٿ سان ڌڪ- چماٽ- ٿَڦُرُ.

ٿَپِڪَڻُ: م. آهستي آهستي لاڳيتو ڌڪ هڻڻ. ٻار کي سمهارڻ لاءِ آهستي آهستي ٿُپي ٿَپڻ.

ٿَپِڪي: ث. پيار مان پٺيءَ تي آهستي هٿ هڻڻ جي حالت. در تي هٿ هڻي سڏڻ جو عمل- دستڪ.

ٿپڪي ڏيڻ: هٿي ڏيڻ.

ٿَپَڻُ، ٿِپَڻُ: م. ٿڦڻ (مٽي، ڇيڻو، اٽو وغيره). راڳو ڏيڻ. پچائڻ (ماني). هٿن سان هلڪا ڌڪ هڻڻ (ٻار کي سمهارڻ لاءِ). هڻڻ (الزام). مڙهڻ (جوابداري).

ٿَڄ، ٿَڄُ: ث. عورت جو کير. ماءُ جو کير.

ٿَڄ بَخشائي: ث. مائٽ جي مرڻ وقت يا جيئريئي اولاد جي سندن حقن تان ورتل معافي. ڏيءُ جي سڳَ تان ورتل عيوضو (پشن ۾).

ٿڃ پائِي: ص. اهو ٻار جنهن ٻئي ٻار سان گڏ اُن جي ماءُ جي ٿڃ ڌاتي هجي- ٿڃ شريڪ (ڀاءُ).

ٿَڌِ: ث. ٺار- سيءُ- سردي. ٿڌڪار- ٿڌ جو وقت. ٿڌ جي اثر کان ٿيل زڪام ليس وغيره.

ٿڌِ ۾ ٿي: ظ. صبح جو سج اُڀرڻ کان اڳ- صبح سان. ساجهر ٿي- سويرٿي.

ٿڌاڻِ: ث. ٿڌائي. خُنڪي (هوا ۾). فرحت (گرميءَ ۾ ٿڌي هوا سبب). ٿڌڪار. ٿڌي اثر وارو شربت.

ٿڌائِي: ث. ٿڌاڻِ. صبر- تحمل. ڍِرَ- سستي.

ٿَڌِجَڻُ: م. ٿڌ لڳڻ- ٺار لڳڻ. سرديءَ جو اثر ٿيڻ. ليس زڪام ٿيڻ (ٿڌ جي اثر کان).

ٿَڌِڙا: ذ. بدن جي ڪنهن بہ حساس هنڌ تي (خصوصا پٺن تي) آڱرين جي هلڪي ڇُهاءَ سان سُرڪارَ. ڦُلڻا- چِڪڻا (ماتا جا).

ٿڌڙا ڪڍڻ: سُرڪار ڪرڻ (پٺن تي). ٻُت تي آڱرين جي ڇهاءَ سان سُرڙاٽ ڪڍڻ.

ٿَڌِڙو: ذ. ٻير جو ٻجُ- ڏڏڙو.

ٿَڌِڙِي: ث. هندن جو هڪ وڏو ڏينهن، ساتونءَ مهيني جي ستين تاريخ (جا ماتا ديوي جي ياد ۾ ملهائين)- گوڪل (اشٽمي).

ٿَڌِڪارَ: ث. ٿڌاڻِ هوا ۾ خنڪي- ٺاروڻ پاڻي ۾ ٿڌڪار سبب فرحت. سياري جي شروعات وارو هلڪو سيءُ.

ٿَڌو: ص. ٺريل- سرد. خنڪ. ٺريل ٻت وارو- مئل. بيهوش. ڍرو- سست. گيسر ڪندڙ. بردبار- سنجيدو. ڪاوڙ لٿل. نرم دل. راضي. (ذ) جسم تي ڪنهن تتل شيءِ جو نشان- ڏنڀ. سڙڻ جو نشان- داغ.

ٿڌا ساهہ کڻڻ: ڏک ۾ ٿڌا شوڪارا ڀرڻ.

ٿڌا گهڙا ڀرڻ: خدمت ڪرڻ. چڱا ڀير ڀرڻ.

ٿڌو ٿانهريو: ص. سک سانت سان- سکيو آسودو. ٻي اونو- بيفڪر.

ٿڌو ٺورو: ذ. ڪابہ مدد نہ ڪرڻ جي باوجود احسان جتائڻ. زباني احسان. ٺالي ماتر مهرباني.

ٿڌو ٺورو ڪرڻ: بنا ڪنهن مدد يا مهرباني جي بہ احسانمندي جتائڻ. ڪنهن فائدي نہ هوندي بہ احسان مند ڪرڻ. هرويرو زيربار ڪرڻ.

ٿڌو ٿيڻ: ٺرڻ. ٺري وڃڻ. بيهوش ٿيڻ. مري وڃڻ.

ٿڌو ڪرڻ: ٺارڻ. وسائڻ (چِلهو، ٽانڊو). ڪاوڙ لاهڻ. ضد تان لاهڻ. پاڻي ۾ وجهڻ (تعويذ، قرآن وغيره).

ٿڌو ڪَمربَندُ: ذ. ڌرتيءَ جي اُتر يا ڏکڻ وارو اهو ڀَڱو جيڪو برف سان ڍڪيل رهي ٿو (هر هڪ ٿڌي ڪمربند ۾ ڇهہ مهينا ڏينهن ۽ ڇهہ مهينا رات ٿئي).

ٿڌو ڪاڌو: ذ. بنا گرم مصالحي جي رڌل کاڌو. ٿڌي اثر وارو طعام (ڪِرياتو کاڌو).

ٿڌو مانجهاندو ڪرڻ: سفر ۾ ڪٿي دابو ڪري ڏينهن ٺارڻ. آرام خاطر ويهي رهڻ. ڪم جي اُڪلاءَ ۾ گيسر ڪرڻ. سستي ڪرڻ.

ٿڌي سِيني: ظ. ڪاوڙ لٿي. همدرديءَ سان. بردباريءَ سان. ويچار سان- قياس سان.

ٿَڌِي: ص. "ٿڌو" جو مونث. ٺريل- سرد. پاروٿي (ماني). (ث) ماتا جي بيماري. چوپائي مال جي هڪ بيماري.

ٿڌي ڪوسي سهڻ: سردي گرمي برداشت ڪرڻ. ڏک سک سهڻ. زماني جي گردش مان گذرڻ- لاهو چاڙهو ڏسڻ.

ٿَڌِي مِٺي: ص. ڍرو- سست. بردبار. سانتيڪو.

ٿَڏارَڻُ: م. ننڍي وڻ جي ڇَڪڻي ڪڍڻ (ٻئي هنڌ پوکڻ لاءِ).

ٿُڏارَڻُ: م. ٿُڏو هڻڻ - ٿُڏڻُ. ٿڏا هڻي پري ڪرڻ.

ٽڏن سان ٽيلهڻ.

ٽڏجڻ: م. ٽڏن سان ڌڪجڻ. ٽڏن ۾ اچڻ. لتاڙجڻ.

ٽڏڻ: م. بنياد کان اکوڙڻ. پاڙون ڪڍڻ.

ٽڏڻ: م. ٽڏو هڻڻ. ٽڏي سان پري ڪرڻ. ٽڏا هڻي ٽيلهڻ (ڪينهون يا ڏڙهي کي راند ۾). لوٽڻ -ٽڙڻ.

ٽڏي چڏڻ: ڪنهن رٿ يا تجويز کي رد ڪرڻ. آڇ قبول نہ ڪرڻ.

ٽڏو: ذ. پاڙن سوڌي ڇڪيل (وڻ يا ٻوٽي جي). سَلو. ننڍڙو وڻ يا ٻُوٽو - نهال. پاڙ- جَڙ.

ٽڏو پٽڻ: پاڙئون ڪڍڻ. بنياد کان اکوڙي ڇڏڻ. پاڙاري ڇڏائڻ.

ٽڏي تي: ظ. اُتي جو اُتي- بروقت - موقعي تي.

ٽڏو : ذ. پير سان ڌڪُ. ڪينهون يا ڏڙهي کي پير سان اُڇل. ٽابو. لُٺل گاهہ يا ٻوٽيءَ جو زمين ۾ ٻچيل حصو ــ سُنيو. وڻ جي پاڙ جي زمين مان نڪتل ڪُٽَ.

ٽُڏو ڏيڻ: غلط ڏس ڏيڻ. غلط ڳالهہ ٻڌائي گمراهہ ڪرڻ. ٽيڙ ڏيڻ.

ٽُڏي: ث. ٻُوٽي جو پاڙن وارو حصو (جو ڪپجڻ بعد زمين مان ظاهر هجي). سُڪي ويل وڻ جي پاڙ - لاهہ.

ٽِر : ث. کير جي ڳج. کير ۽ ڏونري جو مَلائيءَ وارو تهہ - ڄَنِي.

ٽَرُ : ذ. (سن. سٿَل، هہ. ٿَلُ، ع. تَلُ = پير، ف. تل = پِٽَ) واريءَ جي پِٽن وارو علائقو. ريگستان. غير آباد علائقو (جنهن ۾ برسات تي آبادي ٿئي). سنڌ جو ايرنديون واريءَ جي پِٽن وارو خطو.

ٽرِٽان ؛ ذ. ماڳ مڪان -گهر گهاٽ. هڪ هنڌ ٽِڪاءُ.

ٽري: ص. ٽر جو. ٽر جو رهاڪو. (ث. ٽرياڻي).

ٽِرُ ذ. هڪ جاءِ تي ٽڪاءُ - بيهڪ. بقاءُ.

ٽِر ٻڌڻ: ٽِڪَ ٻڌڻ- هڪ جاءِ تي مضبوطي سان بيهڻ.

ٽُرانڊو، ٽُرانبو : ذ. آبي پکي جو هڪ قسم. ٻدڪ جو هڪ قسم (مڇي ۽ گاهہ کائيندڙ).

ٽِرِٽِرِ : ث. ڌڪڻي - رِڙڻي.

ٽر ٽر ڪڻي: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (جو اُڏامندي هر وقت ٽَپندو رهي).

ٽرِ ٽرِ ڪَنبڻُ : ڏپ ۾ ڌڪڻ - رِڙڻ.

ٽرِڙلو : ذ (ع. زلزله) زلزلو. لرزش - ڌڪڻي. اُٿل پٿل. ڏپ - هراس.

ٽرِجَڻُ : م. مٽيءَ يا واريءَ سان ريٽجڻ. درياہ جو ڦِٽي ريٽ ڪرڻ. ريٽجي وڃڻ (وهڪرو). ٽَري ٻڌڻ- سٽي جو تهہ ڄمڻ (ڪڙهيل کير يا ڏونري تي).

ٽرچاهو: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم - پاريهر. جانور جو هڪ قسم - ٽر جو چاهو.

ٽرڊ : صفت (انگ) ٽيو (نمبر).

ٽرڊ ڪِلاس: ص. گهٽ درجي وارو - ڪمتر. خسيسِ - رواجي. ردي.

ٽرڙُ : ذ. ٻنل شهر وارو دڙو. آڳاٽو ٿٽل شهر - کنڊر . جهونو دڙو.

ٽِرڙائڻُ : م. تيڏو ڏسڻ- تيڏائڻ. اکيون تيڏيون ڪرڻ. ٽِرڙائڻ (اکيون).

ٽِرڙو: ص. تيڏين اکين وارو - تيڏو. (ث. ٽِرڙي).

ٽَرڙِي: ث. دَڙو (آڳاٽي ٿٽل ڳوٺ جو). ننڍي پِٽَ.

ٽرماميٽرُ : ذ (انگ) تپ جي گرمي ماپڻ جو اوزار.

ٽُرو: ظرف (انگ) سِڌو. ٽُڙ. ٽِڪو.

ٽُرو ٿيڻ: روانو ٿيڻ- ٽڪو وڃڻ.

ٽَرِي ؛ ث. ملائي - ٽَرِ. ننڍي پٽ.

ٽري: ص. ٽر جو. ٽر وارو. ٽري نسل جو چوپايو (ڍڳي، ٻڪري، اُٺ وغيره). اُٺ جو هڪ قسم (اڳ "پاٽي" جهڙو ۽ پٺي "سنڌي" اُٺ جهڙي).

ٺڙُ: ذ. وڻ جو ڏارن ۽ ٻاڙ جي وچ وارو ٿلهو حصو. پيڙهه . ٻر جهلو.

ٺڙ ٺڙِ : ث. ٺڙٺڪڙ. ٺٺڪو - لوچ پوچ.

ٺڙڪائڻُ: م. ڏڪائڻ - ڪنبائڻ. ڇرڪائڻ.

ٺِڙڪائڻُ : م. ٿيڙڻ - مقرر جاءِ تان هٽائڻ. کسڪائڻ.

ٺڙڪڻُ: م. ڏڪڻ - رڏڻ. هُڙڪڻ (سيءَ ۾).

ٺڙڪِي: ث. ڏڪڻي - ڪنبڻي - رڏڻي. هُڙڪِي - سِياٽو. خوف- هراس.

ٺَڙڪو: ذ. ڏوڏو. ڏڪڻي - لرزو. ڊپ - هراس.

ٺِڙڪڻُ: ٺِڙڻُ - هٽڻ (مقرر هنڌ کان). ٺِڙي وڃڻ (سَنڌ). هٻڪڻ (ڳالهائڻ ۾). وٿلڻ. ٿاٻڙجڻ.

ٺُڙم ٺَڙا: ذ. لعنت ملامت- جٺ ٺٺ. ٺُڪَ ٻُجو.

ٺِڙڻُ: م. هٽڻ (مقرر جاءِ تان). کِسڪڻ. پاسو ڪرڻ. هٽي وڃڻ. ڦِرڻ (انجام تان). اُکڙڻ. ڀلجڻ. ٿاٻو کائڻ.

ٺِڙڻ ٿاٻڙڻ: ڌڪا ٿابا کائڻ- آڏيٽا کائڻ. رلڻ ڀٽڻ.

ٺِڙيَلُ: ص. هٽيل. ڀليل. نڪتل (هوش کان). گمراهه.

ٺِڙيو ٿاٻڙيو: ص. رستو ڀليل - ڀٽڪيل. مسافر.

ٺِڙي وڃڻ: هٽي وڃڻ. کسڪي وڃڻ. ڀلجڻ- گمراهه ٿيڻ. ڦِري وڃڻ (انجام تان).

ٺڙو، ٺڙهو: ذ. گهوڙي جو هڪ سنج. هني هيٺان رکڻ لاءِ نود ڀريل چمڙي جو گاديلو. چمڙي جي ڳوٿري (سون چاندي جي ورقن ٺاهڻ ۾ ڪم ايندڙ). ٻُنڊڙ.

ٺڙا، ٺڙها رکڻ: سَنجڻ (وهٽ). هيرائڻ (چڙهيءَ لاءِ). سواريءَ لاءِ وَهُو ڪرڻ. هيرائي پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ (وهٽ يا ماڻهو کي).

ٺڙا، ٺڙها مٿي تي ڏيڻ: سنج مٿي تي رکائي روانو ڪرڻ. لوڏي ڪڍڻ. بيعزتي سان روانو ڪرڻ. جٺ ڪرڻ. سُڃو ڪري ڪڍڻ.

ٺڙو: ذ. وڏيل ٺُڙ جو وڏو ٽُڪر.

ٺڙِي: ث. اٺ جي پاڪڙي هيٺان رکڻ لاءِ گَدِي- ٺڙو.

ٺُڙِي: ث. سنهي ٺُڙ مان ڪپيل ٽڪرو. زمين مان نڪتل وڻ جي ٻاڙ- ٺُڏي- ڪُٺَ.

ٺڪَ: ث. لپاٽ - چماٽ.

ٺڪاٺڪي: ث. ڌڪ مُڪ. چماٽن سان مارڪٽ.

ٺڪِ ٺڪِ: ث. ٻنهي هٿن سان هلڪي ٿپ ٿپ. هلڪن ڌڪن جو آواز.

ٺَڪِجَڻُ. ٺِڪجُڻُ: م. ٺپجڻ. لِٽڙجڻ (گپ، گند، گاري وغيره مان). مڙهجڻ (الزام).

ٺَڪَرُ : ذ. ٺپڙُ- چماٽ.

ٺَڪرڻُ : م. ٿاڦوڙا هڻڻ. ڪوشش ڪرڻ. ٺڳڻ لاءِ حيلا هلائڻ.

ٺَڪڻُ. ٺِڪڻُ: م. ٺپڻ. مِٽي، اٽو، ڇيڻو وغيره ٺپي گولائي ۾ ڪرڻ. مڙهڻ (الزام). گندو ڳالهائڻ- داغڻ.

ٺَڪُ: ذ. ٿڪاوٽ-ماندڪائي. گهٽي ڪم ڪرڻ سبب جسماني ۽ ذهني هيڻائي - ڪمزوري.

ٺَڪُ پٽڻ: ٿڪ لاهڻ. ٿورو آرام ڪري ٿڪاوٽ لاهڻ. ساهي ڪڍڻ - دم پٽڻ.

ٺُڪَ : ث. وات جو لعاب - ٿُڪَ.

ٺُڪَ اُڇلي چٽڻ: انجام تان ڦرڻ. قول ڪري ڦري وڃڻ. واپار ۾ زبان ڪري انڪاري ٿيڻ. آڻ ميڻ.

ٺُڪَ ٻُجو: ذ. جٺ ٺٺ - ملامت. تنبيهه.

ٺُڪَ ٺُڪَ : ث. ذري ذري ٺُڪُن اُڇلائڻ جي عادت.

ٺُڪَ ٺُڪَ ڪرڻ: گهڻن جڻن جو گڏجي ڪنهن کي تنبيهه ڪرڻ - جٺ ٺٺ ڪرڻ.

ٺُڪَ ٺُپَڻ: ث. ٺُڪَ ٻُجو - جٺ ٺٺ. معمولي مرمت.

ٺُڪَ ولوڙڻ: اجائي ڪوشش ڪرڻ. ٺلهيون ڳالهيون ڪرڻ. اجائي بڪ ڪرڻ.

ٺڪَ هڻڻ: نفرت يا انڪار جو اظهار ڪرڻ. ڌڪارڻ. ملامت ڪرڻ.

ٺڪُن هاب: ظ. ٺڪن هڻڻ لائق. ڪميڻو- نالائق. ذليل - خوار. بيعزت.

ٺڪون جهلڻ: جُتيون سهڻ. دربدر ٿيڻ. رلڻ پنڻ.

ٺڪون چٽڻ: رذيل ڪم ڪرڻ. دردر ڌڪا کائڻ.

ٺڪائِڪو: ص. ٺُڪن هاب - ٺڪن هائو. نفرت جوڳو. ڌڪاريل (ث. ٺڪائڪِي).

ٺڪاوَت: ث. ٺَڪ - مانداڻي. هيڻائي.

ٺڪائِڻُ : م. ماندو ڪرڻ - ڪُهائڻ. نِستو ڪرڻ. ورچائڻ - ڪڪ ڪرڻ. آڻ ميائڻ.

ٺڪجَڻُ: م. ڪُهجڻ. سائو ٿيڻ - ماندو ٿيڻ. ورچڻ - بيزار ٿيڻ. هيڻو ٿيڻ- ڪمزور ٿيڻ.

ٺڪَلُ : ص. ماندو - سائو. ڏبرو - ايرو. هيڻو.

ٺڪلُ ڏاندُ: ص. توتي - سست. نڪمو - بيڪار.

ٺڪَلن تي ٺورو ڪرڻ: هيڻن جي حمايت ڪرڻ. بي وسيلن جي واهر ڪرڻ.

ٺڪَڻُ : م. ٺڪجڻ- ڪُهجڻ. ماندو ٿيڻ - سائو ٿيڻ. هيڻو ٿيڻ. همت هارڻ. ورچڻ - بيزار ٿيڻ.

ٺڪو ماندو: ص. ڪم ڪار ۾ ڪُهيل. پورهئي ۾ سائو. پند ۾ وِرتل.

ٺُڪَڻُ : م.ٺُڪَ اُڇلڻ . ٺُڪ هڻڻ. نفرت يا ڪراهت سان ڇڏڻ - ڌڪارڻ.

ٺُڪو: ذ. ٺڪن اُڇلائڻ لاءِ نڪر جو ٽانءُ (ٺيو. پاٽ. وغيره).

ٺُڪو ڪرڻ: بيعزت ڪري نيات مان ڪڍڻ. ٺُڪن وهيڻو ڪرڻ. ذليل ڪرڻ.

ٺِڳِڙُ : ذ. پُراڻي ڪپڙي جو ٺُڪر - اڳڙي. ٺُڪر. پراڻو ڳريل سڙيل ڪپڙو.

ٺِڳڙِي: ث. ڪپڙي جو ٺُڪر - اڳڙي. پراڻي اڳڙي. ڪپڙي جي ڇِتي.

ٺِڳڙِي پوشُ: ص. ڇتين لڳل ڪپڙا پهريل (فقير. درويش).

ٺِڳڙِيو: ص. ٺڳڙيون پهريندڙ. اڳڙيون چوندبيندڙ. فقير.

ٺِڪَ: ص. اڻ وڻندڙ. اڳرو.

ٺُلُ: ذ. پيڙهه - بنياد. شروعات - منڍ. ڪافيءَ جو منڍ - ٺُلهه.

ٺُلُ ٻڌڻُ: پيڙهه ٻڌڻ. شروعات ڪرڻ (ڳالهه جي). ڇَٽَ ٻڌڻ - ڳِلٽو ٻڌڻ. ڏاڏَرائڻ - لالچائڻ.

ٺُل پيڙو: ذ. لنگر هيٺي بيٺل ٻيڙي. پتڻ. گهر گهاٽ. اهڃاڻ. ڏس پتو.

ٺُل پيڙو لڳڻ: ڪاميابي جي ڪناري تي رسڻ. من جي مراد پڄڻ. ٽانيڪو ٿيڻ.

ٺُلهه: ذ. منڍ - شروعات. قافيءَ جي پهرين مصرع (جيڪا هر مصرع پويان ورائي طور ڳائڻ ۾ اچي) - ٺل.

ٺُلهه ٻڌڻ: بنياد ٻڌڻ. شروعات ڪرڻ (ڳالهه جي). ابتدا ڪرڻ.

ٺُلهَڙ : ص. تمام ٺُلهو - اجايو گهڻو ٺُلهو.

ٺُلهو: ذ. مٽي وغيره جو ٺَڙيل هتراڏو مٽانهون پڊر (ويهڻ لاءِ يا ڪنهن خاص تقريب لاءِ). گهر جو مٽانهون اڱڻ - اوٽو.

ٺُلهو: ص. ٻُت ۾ ڀريل. موٽو. سوڪو- متارو (جانور). (ث. ٺُلهِي)

ٺُلهو ٺَنيرو: ص. ٺُلهو متارو. ڏٽو مُٽو. چڱو ڀلو - صحتمند. سکيو آسودو (ث. ٺُلهي ٺنيري).

ٺُلهو ڪَٽَڻُ : اينگا ڪم ڪرڻ. گناهه وارا ڪم ڪرڻ (جيڪي آخرت ۾ عذاب جو ڪارڻ بنجن).

ٺُلهو ڳالهائِڻُ: ڏاڍي ڳالهائڻ. بنا ريا ۽ خوشامد جي

ڳالهائڻ. حقي ڳالهه ڪرڻ.

ٿُلهو مَتارو: ص. تندرست - صحتمند. گهڻي گوشت وارو (جانور). (ث. ٿُلهي متاري).

ٿُلهو هَندائڻُ : سادو سودو ڪپڙو پائڻ.

ٿُلهي ليکي: ظ. اٽڪل روءِ - اندازاً - دوم شوم- علي الحساب.

ٿُمُ : ذ. گهاٽي جهنگ ۾ ڳُجهي جُوءِ. جهنگ ۾ مِرُن جي لڪڻ جي جاءِ (ڏر وغيره). تمام اانگو ۽ لڪل هنڌ. چورن جو ٽاڪُ.

ٿُم جو مِرُون: ذ. ويڙهاڪ سوئر (جيڪو ڪاٺي ڪاٺي ٿُلهو ٿي ويل هجي). بيحيا ماڻهو.

ٿُمُ ڇڏائڻ: شڪار جي اصطلاح موجب سوئر کي ٿڙي جهنگ مان ٻاهر ڪڍڻ.

ٿُمُ ڪرڻ: ڳُجهي هنڌ تي لڪائڻ (چوريءَ جو مال). لڪائڻ - گم ڪرڻ.

ٿُمجَڻُ: م. ٿم ۾ لڪڻ. قابو ٿيڻ. روڪجڻ- ٿوري دير لاءِ بند ٿيڻ (مينهن). ڍيمو ٿيڻ (وسڪارو).

ٿـمَڻُ: م. زور ڏيئي پَرڻ - ڏٽي پرڻ. ٿم ۾ پورڻ. لڪائڻ (چوريءَ جو مال). قابو ڪرڻ. ترسڻ. شڪار جي جانور کي ٿاڙي هٽيڪو ڪري ويهارڻ.

ٿُمي ڇڏڻ: لڪائي ڇڏڻ (مال). بند ڪري ڇڏڻ. ڏٽي ڇڏڻ. چوريءَ جو مال گم ڪرڻ.

ٿُنبُ: ذ. ڇت کي ٽيڪ لاءِ ڪاٺي يا سرن وغيره جو ٿنيو - پيلپائو - سُتون. ٽوڪي. ٽيڪ. ڏي.

ٿنب ٽوڪي ڪرڻ: ڪڪائين گهر کي ٽوڪيون وغيره ڏيئي مضبوط ڪرڻ. حيلو وسيلو ڪرڻ.

ٿنيري: ث.پانجاريءَ جي پاسي واري اُڀي ڪاٺي (جا ڪَرَهي ۽ لارِ کي ڳنڍي).

ٿنيلي: ث. ٻيڙيءَ جي اڳيل واري مُني. ٻيڙيءَ جي محرابين جي جَهل واري ڪاٺي. ٿنيري.

ٿنيَڻُ: ذ. وکر جو هڪ قسم (ڪؤنر وانگر)- سِرس.

ٿنيڻُ: م. سِرس هڻڻ. چنبڙائڻ. هٿائڻ.

ٿنيو: ذ (سن. ستنڀ) ٿنڀ - سُتون. پيلپائو. ڇت کي ٽيڪ لاءِ ٿنل اُڀي ڪاٺي.

ٿنيو ٽوڪي ڪرڻ: جاءِ جي ڇت کي ٽيڪ ڏيئي مضبوط ڪرڻ. ٻلو پيٺي ڪرڻ. حيلو وسيلو ڪرڻ. ٽيڪ ڏيڻ. پرجهلو ڪرڻ.

ٿَنيي هڻڻ: جمي ويهڻ. پِٺشون سڌو ايو ٿي ويهڻ. هڪ هنڌ ماٺ ڪري ويهي رهڻ.

ٿَڪڻُ، ٿنهڻُ: م. چَڪي ڪڍڻ (وڻ جي) - ٽڏارڻ. ڏٽي پرڻ. ڪُٽڻ - مارڻ.

ٿڻُ: ذ (سن. ستن) ٻبو - پستان. جانور جو ٻُبو.

ٿڻ ڦاڙُ: ذ. هڪ قسم جو ڪنڊن وارو ٻوٽو (جيڪو ملندڙ ماڻهن جا ڪپڙا ڦاڙي، يا ٻڪري وغيره جانور جا ٿڻ ڦٽي ڇڏي).

ٿڻن تي هڻڻ : ڪير پياڪ هڻڻ (ٻار، ٻچو). ڏڌ مکڻ تي گذران هڻڻ.

ٿڻوٽو: ذ. ٿڻن ۾ سوڄ جي هڪ بيماري.

ٿڻوٽي: ث. ڪنجري جو ڇاتيءَ تي ايندر حصو.

ٿُو: ث. ٿُڪَ اُڇلڻ جو آواز- ٿُوڪار. ڌڪار ظاهر ڪرڻ جو آواز.

ٿُوٿُو ڪرڻ: ٿُڪون هڻڻ. ڄٽ ٿٽ ڪرڻ.

ٿُو ڪتو ڪرڻ: نفرت سان ڇڏڻ. ڌڪاري ڇڏڻ. ڇڏي ڏيڻ.

ٿوبي: ث. پٿر جي دانگي. وهٽ کي ڪارائڻ لاءِ ڪچڙيءَ چِٻر جو ڏوتل گاهه.

ٿوبي ڳُهمائڻ: مُنهن تي ڪارنهن لائڻ. ڪارو مُنهن ڪرڻ. جٺ ڪرڻ - تعدي ڪرڻ.

ٽوپُ: ث. قرار - ٺاپر. اَٽڪ. آڌار.
ٽوپَ ٽِڪُ: ذ. آڌار - ٽيڪ - ڏِي.
ٽوٽ: ص. ٿلهو. اجايو ٿلهو. بي ڊولو.
ٿوٿانُ، ٿوٿانگُ : ص. تمام ٿلهو. بي ڊولو ۽ ٿلهو.
ٽوڳِرِ : ث. (سن سٿول) ماس جي آيام - ڦلڪي سوڄ - آماس. سُرٽي جي چڪ يا چاپاڪي جي سوڄ. بيماري سبب مُنهن يا هٿن پيرن جي سوڄ.
ٽوڳِرجَڻ: م. سُڄڻ (ڇمڙي). آماسجڻ - سوڄ ٿيڻ.
ٽوٽو: ذ. ٽاپو- آڏيڙو. جهوٽَ- ڳولا لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڀوڙ. (ص) اجايو ٽلهو. ٽيڪو. نڪمو- بيڪار. دل شڪستو. ٽِڪو - لڄي.
ٽوٽا ڏيڻ : جهوٽون ڏيڻ- لُوهون ڏيڻ. هيڏانهن هوڏانهن ڳولڻ. اجايو ڳولڻ. اجائي محنت ڪرڻ.
ٽوٽا ڪاٽِڻ: ٽاپا ڪاٽڻ. اجايو رلڻ. سَٿون ڏيڻ.
ٿُوٿُو: ث (سن.ٿت) گهڻي ٿُڪَ ٿُڪَ. ڪنهن شيءِ کان ڪراهت ظاهر ڪرڻ جو آواز. ٿتڪار- ٿُڪار.
ٽوپاڪَ: ث (ف تفنگ) بندوق. ڊگهي ناليءَ واري بندوق (جنهن ۾ بارود ۽ ڇيرا مُنهن کان پرجن).
ٽوپَڻُ : م. ٽپڻ- ٽٿڻ. مڙهڻ - هڻڻ (الزام).
ٿورَ: ث. ٿورائي - ٿورڙائي. "ٿورائي" جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ (جيڪو صفاتي اڳياڙي طور مرڪب لفظن ۾ ڪم اچي).
ٿورَ آڇرو، ٿورَ آکِرو: ص. ٿورن اکرن وارو(لِکيو).
ٿورَ خَرچو: ص. گهٽ خرچ وارو.
ٿورَ کائِڪُ ، **ٿورَ کاپاڪُ:** ص. ٿورو کائيندڙ- گهٽ کائيندڙ. ڏِڄرَ (وهٽ).
ٿورَ ڳالهائُو: ص. ٿورو ڳالهائيندڙ - گهٽ ڳالهائيندڙ - ڪم گو. اجايو نہ ڳالهائيندڙ. بردبار. ماٺيٺو.
ٿورَ ويرَمو: ص. گهٽ دير ڪندڙ. گهٽ وقت لڳائيندڙ (ڪم ۾).
ٿورائِي: ث. گهٽتائي - ڪمي. اَڻاٺ- ڪميابي. قلت. اقليت.
ٿورائِتو: ص. ٿورو مڃيندڙ - احسانمند - شڪرگذار. (ث. ٿورائتي).
ٿوريڙو: ص ("ٿورو" جو اسم تصغير) تمام ٿورو - تمام گهٽ. ڪجهہ ذرو. (ث. ٿوريڙي).
ٿورو: ظ (سن ستوڪ) گهٽ. الپورو. قليل. ڪجهہ ذرو . ڪي قدر . (ث. ٿوري).
ٿورو گهڻو: ظ. گهٽ وڌ. ڪي قدر - ڪجهہ.
ٿورو دَمُ: ذ. تحريري جملي جي وچ ۾ ٿوري دير بيهڻ لاءِ "اُبتي واءُ" (،) جي نشاني - ڪاما.
ٿورو: ذ. احسان - مهرباني - ڀلائي.
ٿورو لاهِڻ: ڀلائيءَ جو بدلو ڏيڻ. احسان جو عيوض چڱائي سان ڏيڻ.
ٿورِي: ذ. هڪ قوم يا ذات (جيڪي عام طرح حلال حرام جانور جي شڪار تي گذران ڪن). شڪاري.
ٿوڪُ: ذ (سن. ستوڪ) شيءِ - وَٿ - وَسٿُو- چيز- ٽول. عمدي شيءِ- تحفو. سون يا چانديءَ جو ڏهرو ڳهڻو. ڳهہ- زيور . ڍير- ڍِڳ . مقدار جي گهٽائي.
ٿوڪ فروشُ: ص. ٿڏو مال وڪڻندڙ - ٿڏو واپاري.
ٿُوڪا: ث. ٻارائي راند ۾ هار مڃڻ يا بس ڪرڻ لاءِ اعلان وارو لفظ. راند ۾ عارضي وقفو.
ٿُوڪا ڪرڻ: راند ۾ ٿوري وقت لاءِ مهلت وٺڻ. ساهي کڻڻ لاءِ راند ۾ وقفو ڪرڻ.
ٿُوڪارِڻُ: م. ٿُڪ اڇلائڻ. ٿُڪ هٿي اُڇلائڻ. نفرت سان ڇڏي ڏيڻ. ڌڪارڻ.
ٿُوڪَڻُ: م. ٿُڪڻ. ٿُڪون اڇلائڻ. ٿُڪون هڻڻ. ٿُڪ

ھٿي ڇڏڻ. برو ڀلو چوڻ. لعنت ملامت ڪرڻ.
ٿولھہ، ٿولِھہ: ث. ڪنھن بہ جسم يا ماده جي گھاٽائي – موٽائي. جَسامت. بدن جي ٿُلھائي. ڪنھن بہ چيز جو اندروني پراءُ.
ٿُومَ: ث (ع. فوم) اوبڙ جو مشھور ھڪ قسم (جنھن جي سائي يا سُڪل پاڙ واري ڳنڍ، ۽ پن خوشبو دار ٿين. عام طور ڀوڙ ڀاڄي ۾ ڪم اچي) – لسڻُ. (ڪنايتا) ھمٿ – مڙسي – پھچ– طاقت .
ٿُومارو: ذ. ٿُومَ، اٽي ۽ لسِي مان ٺھيل ڳنڍڻ.
ٿُونو: ذ. ڪنھن بہ جانور (خصوصًا مينھن، ڍڳي ڍور) جو ٺڪرُ– ڏيھہُ – اَڪَلَ.
ٿونا ھڻڻ: چوپائي جو ڏيھہ ھڻڻ. ٺڪر ھڻڻ. ڪوشش ڪرڻ. مٿا مونا ھڻڻ. ٻي واجبي وڙھڻ.
ٿُونڙُ: ص. ٿونا ھڻندڙ – ويڙھاڪ (جانور).
ٿُوڻي: ث. ڇپر يا ڇت کي ٽيڪ طور ڏنل ڪاٺي. ٿنڀَ – ضامن. ٺڪ ۾ ٻنھي ناسُن جي وچ واري پٽ.
ٿُوھَرُ: ذ. جابلو ۽ وارياسي علائقن ۾ ٿيندڙ عام مشھور ٻوٽو.
ٿُوھو: ذ. اُٺ جي پُٺيءَ ۾ وچ وارو اُڀريل حصو.
ٿَـھَـرَ: ث. پگھر ۽ ٿولھہ سبب بدن ۾ ٿيل ڪني ٻانس.ھڪ ھنڌ ٽڪاءُ. ٻيھڪ. صبر. ڌيرج.
ٿَھرَڻُ: م. ٽِڪِي ويھڻ. ڪُپي ويھڻ. ھڪ ھنڌ ڄمي ويھڻ. فرحت وٺڻ. ترسڻ. صبر ڪرڻ. ويھي رھڻ.
ٿَھرو: ص. گھڻو وقت رکڻ ڪري ڏپ ڪري ويل – ڪني ڏپ وارو – بدبو دار.
ٿَھمَرَ: ث (ع. تَحمل مان بگڙيل) صبر – ڌيرج. تحمل.
ٿَھَڻُ: م. ھڪٻئي مٿان رکڻ – سٿڻ – ٿھو ڪرڻ.
ٿَھو: ذ. ھڪ ٻئي مٿان رکيل شين جو سٿو. انبار. ڍڳ – ڪوڙ.

ٿَھو ٿي پوڻ: ٽڪي ٽُي ليٽي پوڻ. ٽڪجي سمھڻ. ٿڪ سبب ٻي سَتو ٿيڻ.
ٿَھي: ث. ھڪ ٻئي مٿان رکيل شين جي سِٿي. دستي (نوٽن ڪاغذن وغيره جي)– ڊِگِي. زخم تي ٻڌڻ لاءِ ڪپڙي جو پھو.
ٿِيئَرُ: ذ (انگ) ناٽڪ جي جاءِ – ناٽڪ گھرُ. ناٽڪُ– ڪيلُ.
ٿَيا ٿَيَا: ذ. ناچ جو تارُ. ناچ جي تار جا ٻول. ناچ. خوشيءَ جو ناچ.
ٿِيتِ : ث (سن. تِٿ) مقرري – پابندي (روزاني ڪم جي). روزاني ھيرَ– عادت. روزاني خريداري. وھنوار يا ڏي وٺ جي مقرري. گراھڪي. ٻانڌاڻ – آھت. مقرر ڪيل وقت – تِٿ.
ٿِيتِ ٻڌڻ: روزاني خريد فروخت جي ڊاٽي ٻڌڻ. ڪنھن واپاري کان مال وٺڻ جو سلسلو جاري رکڻ.
ٿِيتِي : ص. روزانو گراھڪ – ٻڌل خريدار. اُھو ماڻھو جنھن سان ڏيتي ليتي جو ٻانڌاڻ ٻڌل ھجي. انجامي.
ٿيرُ : ذ. ٻَڪرُ. ساڻُ ٻَڪرُ. (ص) ٻڪر وانگر ٿُلھو.
ٿيري: ث. دريائي مڇي جو ھڪ قسم– ٿيلھي (مڇي). (صفت) بدبو دار.
ٿيڙُ : ذ. ٽپُ – ٻُل. اُڇَلَ (بال جي). ٽاٻو–آڏيڙو. ٿورو ٿيلھو. ٽارڻ لاءِ دلاسو – ڪوڙو آسرو – رماڪُ. ڪجيءَ جي پاڙ کان ڪجھہ مٿيرو نڪتل ٻچو.
ٿيڙُ ڏيڻ : غلط ڏس ڏيڻ. گمراھہ ڪرڻ. ڪوڙو دلاسو ڏيڻ. گسُو ھڻڻ.
ٿيڙُ کائڻ : ٽپ کائڻ. اُڇل کائڻ (بال). اُڇلجڻ. ڳالھہ ٽان ٽِرڻُ. انجام ٽان ٽِرڻُ.
ٿيڙَڻُ: م. ھَٽائڻ – پري ڪرڻ. ريڙھڻ– سيرڻ. اُڇل سان ھٽائڻ. ڏِڪڻ – ٽَڏڻ. اُڪيڙي پري ڪرڻ. لوڏي

اُڪيرڻ. ٽامڻ. ٽارڻ. ڏٽو ڏيئي ڀڄائڻ. ڳالهه کان ٽيرائڻ. گمراهه ڪرڻ.

ٽيڪَ: ث. ترار جي مياڻ - ڪَپُ.

ٽيڪِڻُ: م. ڪپه وجهڻ (ترار). سنڌرو چوڙي ويهڻ. پڃڻ (معاهدو). بند ڪرڻ (ڪم).

ٽِيَلُ: ص. ٽنيل - ٽهيل- راس. چاول- پيدا ٽيل.

ٽيلهه: ث. "ٽيلهڻ" جو عمل. ڏِڪ. ريڙهه.

ٽيلها ٽيلهي: خ. ڏِڪَ ڏُوم- گهه پيهه.

ٽيلهَڻُ. ٽيلهِڻُ: م. ڏِڪڻ. ريڙهڻ - سيرڻ. ڌڪو ڏيئي پري ڪرڻ - هٿن سان ٽيلها ڏيڻ . لوڏڻ.

ٽيلهو: ذ. هٿائڻ لاءِ هٿن سان ڌڪو. ٽابو - آٽيڙو. چمڙي يا ڪپڙي جو ڳوٿرو. بجڪو- بستو.

ٽيلهي: ث.ننڍو ٽيلهو - ڳوٿري. بُجڪي. مِٺي پاڻي جي مڇيءَ جو هڪ قسم - ٽيرِي.

ٽيلهيُون چاڙهڻ: ڪارڪن جي ڇڳن تي پڪين ڪان بچاءَ لاءِ ٽيلهيون ٻڌڻ.

ٽِيَڻُ: م. وجود وٺڻ - وجود ۾ اچڻ. هٿڻ - هجڻ (ڪم). ٿهڻ- راس ٽيڻُ - مڪمل ٿيڻ. جڙڻ.

ٽيوو: ذ. ٽِڪَ (منڊيءَ جي)- ٻڙو - نگينو.

ٽِيوري: ث (انگ) اصول- مَتو.

ٽ

ٽ: ث. اُچار "ٽي" ۽ "ٽري". الف- بي" جو ستون اکر. ابجد موجب عدد "ت" جي برابر (٤٠٠).

ٽ: ث. "ٽي" جو مخفف. ٽن جو عدد ڏيکاريندڙ ((ٽه واٽو، ٽيهري وغيره).

ٽاٻرُ: ذ. جوان ڇوڪرو- ڳيرُو، چوپائي مال جو ڦرُ (ڳابو وغيره). (ث. ٽاٻِرِ).

ٽاپُو ٽاپُو: ث. گهوڙي جي ڊوڙ وقت سنبن جو آواز.

ٽاٽَ: ث. لڱن ۾ سُور جي سُوٽ. ڳاموڙ (بدن ۾).

ٽاٽُ: ذ (انگ) خاص قسم جو ٿلهو ڪپڙو. سڻي مان ٺهيل ٿلهو ڪپڙو (جنهن مان ڳوڻيون ٺهن). پال.(ص) سخت- سوٽ- جهڪيل. جهڪي ٻڌل. مضبوط.

ٽاٽ ڪڍڻ: ڌڪ ڪڍڻ. ڌوڪو ڏيڻ.

ٽاٽارِ: ث. ڪوسي پاڻي يا سيڪيل پٽر جو سيڪ (سوڄ واري عضوي تي)- ٽاڪور.

ٽاٽائي: ث. ڪڙائي- شوخي. چُستي. تندرستي. ڪپڙي لٽي ۾ ٺاهه ٺوهه.

ٽاٽري: ث (انگ) ليمي جو سَتُ.

ٽاپُ: ذ (انگ) واهه جي ڪپ وارو رستو. ڏٽو- گشو. دلبو.

ٽاپ ڏيڻ: ڏٽو ڏيڻ. ٿلهو دلاسو ڏيڻ.

ٽاپ ٽوپَ: ث. ٺاهه جوڙ. ڇنڊڦوڪ. آرائش.

ٽاپڙُو: ص. بدن تي پيڙون ڏيندڙ. خدمتگار. چاڪر.

ٽاپُو. ٽاپُون: ذ. باراڻي راند ۾ گول لڪري- ڊٻو.

ٽاپي: ث. ٽڪا ۽ وڏا ٽپ ڏيئي ڊوڙڻ. ٽڪي ڊوڙ (اٺ جي).

ٽاپي ڪڍائڻ: تيز ڊوڙائڻ. ماري ڀڄائڻ. ڊوڙ ڪڍائڻ. ڀڄائي ڪڍڻ.

ٽاڄو: ذ. دهل يا نغاري جي چوٽ واري وجت. دهلن جو زوردار آواز. وڏو دُهل.

ٽاڄِني: ث. ڪاغذن کي ٽنبڻ لاءِ سُئي- پن.

ٽاڏ. ٽاڏِ: ث. ڏاند جي رَنڀ (وڙهڻ مهل). ٽپ (مستيءَ مان).

ٽاڏ: ث. ٽاند جي وڙهڻ واري رنبي.

ٽاڏون ڏيڻ: وڙهڻ واريون رڙيون ڪرڻ ۽ مستيءَ مان ڪڏڻ. وڙهڻ لاءِ ٻولائڻ.

ٽارُ: ذ. وڻ جي پڻ سوڌي وڏي ٽاري. وڻ جي ٿلهي ٽاري.

ٽارچ: ث (انگ) بجلي واري ڏکڻي هٿ بتي (سيلن تي ٻرندڙ).

ٽارَڻُ. ٽارِڻُ: م. هٽائي پري ڪرڻ. پاسي ڪرڻ. ٻهانو ڪري ٽالڻ. گسائڻ (مقرر وقت يا وعدو).

ٽارو: ذ. ٽارُ. لٺي جي سنهي ٽاري. ڍِنگهر. ڀهارو. پاسو– درگذر. ٽاري.

ٽارو ڪرڻ: پاسو ڪرڻ. بچاءُ ڪرڻ. درگذر ڪرڻ. مُڙي وڃڻ (ضد تان). نظرانداز ڪرڻ.

ٽاري ٻهارَ ڪرڻ: ميڙي چونڊي سڀ ڪڍڻ (جو ڪجهه به نه بچي).

ٽاري: ث. وڻ جي سنهي شاخ (پڻ سوڌي)– لام. ٽالهي جو وڻ.

ٽاري وجهڻ: رڍن ٻڪرين کي چرڻ لاءِ وڻن جون ٽاريون وڍي ڏيڻ.

ٽاڙهو ٽاڙهِ: ث. روڄ راڙو (وڏي آواز سـان). آه زاري.

ٽاڪ: ث. سخت زمين– پڪي زمين. سڪل ۽ ٽاڍي زمين. (ص) سخت اُس وارو وقت "ٽاڪ منجهند".

ٽاڪائو: ذ. پڙهڻ ۾ غلطي.

ٽاڪائِڻُ: م. ٽاڪا ڏيارڻ. ڳنڍائڻ. بيڙا ٻڌائڻ. ريهائڻ (ٽانءِ، ڳَهه).

ٽاڪِجَڻُ: م. ٻڌجڻ (بيڙو). مڙهجڻ (موتي). ڳنڍجڻ (جٺي).

ٽاڪَرِ: ث. ننڍين ننڍين ٽڪرين واري ايراضي.

ٽاڪِرو: بحث مباحثو. سخت پورهيو. گهٽو ڪم.

ٽاڪِرُو: ص. جابلو. ٽڪرائين.

ٽاڪَ مَنجَهند: ث. پورا ٻپهر– پوري منجهند.

ٽاڪَڻُ. ٽاڪِڻُ: م. ٽاڪا هڻڻ– ٽوپا ڏيڻ. ٽوپي سان ڳنڍڻ. ريهه ڏيڻ (ٽانءِ، ڳهه وغيره کي). ٽُڪڻ (جبل).

ٽاڪو: ذ. ٽوپو. ڳنڍُ (جتيءَ کي). ريهه (ٽانءِ، ڳهه وغيره کي).

ٽاڪورَ: ث. سوڄ يا سُور واري عضوي تي گرم پاڻي، ٻوسي يا ڇار وغيره جو سيڪ.

ٽاڪوڙو: ذ. ٽاهُ– ڇرڪ. هراس. ڀاڄ. مارڪُٽ.

ٽاڪُئون: ص. ٽوري ٽوڪر سـان ڀڄي پوندڙ (شيشي، چيني جو سامان). ٽڙڪي ڀڄي پوندڙ.

ٽالپُور: ذ. سنڌ ۾ رهندڙ بلوچن جو هڪ قبيلو (جنهن سنڌ تي ١٧٨٣ع کان ١٨٤٣ع تائين حڪومت ڪئي).

ٽالِهي: ث. هڪ مشهور وڻ.

ٽامِڙو: ذ. ٽامي جو ٽانءُ ديڳڙو يا هَنڊي). اڳاٽي وقت جو ٽامي جو سِڪو.

ٽامِڻي: ث. تپش کان ٽامي جهڙي ڳاڙهاڻ. ڪاوڙ کان مُنهن جي ڳاڙهاڻ.

ٽامڻي هڻڻ: ڪاوڙ کان مُنهن ڳاڙهو ٿيڻ.

ٽامو: ذ. هڪ مشهور ڌاتو.

ٽان ٽان: ث. ڪانءَ ۽ ڪن ٻين پکين جي ٻولي جو ٽِڪو ۽ اڻ وڻندڙ آواز.

ٽان ٽان ڪرڻ: اجائي بڪ ڪرڻ. اجايو هُل ڪرڻ.

ٽانڊالو: ذ. ڪُڙ ڪبيتو.

ٽانڊو: ذ. ڪانيءَ جو ٻري ويل ٽُڪر (جنهن ۾ اجان باهه ٻرندي هجي)– جاڳتو.

ٽانڊو ٽوپي: ث. خُفي جو ٽانڊو ٽوپي. خدمت

چاڪري- ٽهل ٽڪور.

تاندو ڏيڻ: ٻاهر ڏيڻ. لعنو مهڻو هڻي ڪاوڙائڻ. ساڙ ڏيڻ.

تاندي، تاندڙي: ث. چڻنگ. چڻانٽي. اماڙي.

تاندي، ٽپڻو: ص. ٿوري ڳالهه تي ڪاوڙجي پوندڙ. چيڙاڪ. (ث. تاندي ٽپڻي).

تانڪڻ: م. "تاڪڻ". ٽوبو ڏيڻ. ريهه ڏيڻ.

تانڪو: ذ. تاڪو. ٽوبو- ريهه.

تانڪي: ث (انگ) حوض.

تانگا: ث. تاري- لام (وڻ جي). ڪڪڙن جي ويهڻ لاءِ ڪاني (پينگهي جي سراٽي وانگر اڏيل).

تانگڙ: ذ. هڪ قسم جو گل ۽ ٻوٽو- چنبيلي.

تانگڙو: ص. ڏڪهين ٽنگن وارو- جانگهو.

تانگو: ذ. تاري- لام. ڇينيو. سَلو. ڪانو. ٻن ڦيٿن واري عام مشهور گهوڙي گاڏي.

تاءُ: ث. آڪڙ. غرور- هٺ.

تاوُ: ذ. تائو.

تائڻ، تائڻُ: م. ٿڃي مان ارتي وسيلي ڪڪرا ڪڍڻ. گيهه، مکڻ، چربي وغيره کي رجائي صاف ڪرڻ.

تائو: ذ. وقت- ويلَ. مهل. اهڃاڻ. پاريتو.

تائو تارڻ: وقت تارڻ. مهل گسائڻ.

تاوَرُ: ذ (انگ) ٺل- ٻُرج. منارو.

تاهُ: ذ. ڇرڪ. هراس. تاڪوڙو.

تاهه پوڻ: ڊپ کان ڇرڪ پوڻ.

تاهڙُ: ص. ڇرڪندڙ. ڏجي ڀڄندڙ. ٽهندڙ.

تاهڻُ: م. ڇرڪائڻ. هراسڻ. ڇرڪائي ڀڄائڻ.

تاهو: ذ. دهل جي هڪ وڄت.

تاءِ: ث (انگ) قميص جي ڪالر تي ٻڇيءَ ۾ ٻڌڻ لاءِ رنگين ڪپڙي جي خاص پٽي.

ٽائرُ: ذ (انگ) موٽر، لاري، سائيڪل وغيره جي ڦيٿي مٿان ربڙ جو خاص پٽو.

ٽائونُ: ذ (انگ) شهر.

ٽائون ڪاميٽي: ث. شهرين طرفان چونڊيل نمائندن جي جماعت.

ٽائيپ: ث (انگ) ڇپائي ۾ ڪم ايندڙ شيهي جا اکر. نمونو- قسم.

ٽائيمُ: ذ (انگ) وقت. مهل.

ٽائيم ٽيبلُ: ذ. وقت جو ورچ جو خاڪو (روزمره ڪم جي لاءِ).

ٽبُ: ذ (انگ) پاڻي لاءِ وڏو بيضوي ٿانءُ.

ٽَبَ: ث. حيلو. علاج. اُڪتي.

ٽُبُ: ظ. ٻرڀل (پاڻي وغيره مان)- تار.

ٽُبُ ڪرڻ: مُنهان منهن ٻرڻ- ڪنان تار پرڻ.

ٽٻائڻُ: م. ٽوبو ڏيڻ. ٻوڙو ڏيڻ (ڪپڙي کي).

ٽٻرُ: ذ. وڏو ڇوڪرو.

ٽٻرَ ٽاٻرَ: ذ. ٻارڙا. ننڍڙا ٻار. عيال.

ٽُبڪُ، ٽُبڪو: ذ. سَر جي ڪانن مان ٺهيل ننڍي ٽوڪري- ٽُبڻو. (ث. ٽُبڪڻي).

ٽبڪو: ذ. نقطو. ٻُڙي.

ٽُٻڻ، ٽُٻڻُ: م. ٽوبو ڏيڻ (پاڻي ۾). ٻوڙو ڏيڻ (رڱ ۾). ٽُب ڪرڻ. ڍِڪي مال جو وقت کان اڳ ڪچو ڦر ڇڏڻ.

ٽُبڻو: ذ. هڪ قسم جو ڍانڊي پکي- ٽوبر پکي. سَر جي ڪانن مان ٺهيل ڍڪ سان ٽوڪري. (ث. ٽُبڻي).

ٽِپو: ذ. پهڻن جو ننڍو ڍڳ. مٽيءَ جو ڍڙو (زمين جي ڊنگ ڏيڪارڻ لاءِ)- دڙي.

ٽُپي: ث. ساهه گهٽي ٽوريءَ دير لاءِ پاڻي جي سطح کان

هيٺ ٽپڻ. پاڻيءَ ۾ اونهي گهٽ- غوطو.
ٽپيءَ ۾ پوڻ: اونهي خيال ۾ پوڻ. گهٽي ويچار ۾ پوڻ.
ٽِپَ: ث. ٿالهه جُوال کي ڳنڍڻ لاءِ ڪاٺي ٽُڪر.
ٽپڪڻُ: مر. وچ ۾ پوڻ (معاملي يا ڪم ۾)- ٽُپجڻ. رخنو وجهڻ.
ٽِپو: ذ. ٺڪر جو ڪُپو (پاڻي پيئڻ لاءِ)- ٺُمرو.
ٽِپو اونڌو ڪرڻ: فائدي بدران اٽلندو نقصان ڪرڻ. ڪٺي ڪمائي ڪُٽ ڪرڻ.
ٽٽُ: ذ. آنورو- خصيو.
ٽِٽُ: ذ. پيٽ مان هوا نڪرڻ جو آواز. ريح- بادي.
ٽِٽَ ڏيڻ: اجايون ڳالهيون ڪرڻ.
ٽِترُ: ص. ٻٽاڪي. هلڪي طبيعت وارو- ٽرڙو.
ٽُٽڻُ: مر. ڇڄڻ (ڌاڳو، نوڙي وغيره). ختم ٿيڻ (دوستي، مائٽي، سڱاوتي، تعلق). تار ٿيڻ (سات مان). وڇڙڻ. ٽوٽو پوڻ (واپار ۾).
ٽِر- ٽِڙ: ث. ٽوٽڻ راند جو هڪ داءُ.
ٽٽ وٽرُ: ذ. گهڻن قسمن جون گڏيل شيون. نازڪ سامان (جهڙوڪ شيشي چيني وغيره جا ٿانءَ).
ٽٽون: ذ. ننڍي قد وارو گهوڙو- ٻڊو.
ٽٽون ٽوپڻ: ذ. عام رواجي ماڻهو.
ٽِٽيهرَ: ث. پکيءَ جو هڪ قسم.
ٽپُ: ذ. وڻ جو وڏو ڏنگهر. واڙ جي لنگهه کي ڏنل ڏنگهر.
ٽپ ٽارو ڪرڻ: پکو ٽوٽو ڪري اجهو اڏڻ. اڻ هوند يا هيٺائي ۾ ڏکيو سکيو وقت ٽپائڻ.
ٽپُ، ٽِپُ: ذ. ڇال- ٻُل. ڪُڏ- ٽپنگ، پڏ. ٽيڙ (بال جو).
ٽِپُ: ذ (انگ) سوال جي حل يا جواب بابت اشارو.
مضمون جي بنيادي نڪتن مان هڪ نُڪتو. فقرو (مضمون ۾).
ٽپالَ: ث. خط- چِٺي. خط پٽ. پوسٽ ڪاتي ذريعي خط پٽ. گهوڙي جي پنڌ جي هڪ چالَ.
ٽپال آفيس: ث. خط پٽ موڪلڻ يا ورهائڻ واري آفيس.
ٽپالي: ص. خط پٽ ورهائيندڙ. قاصد.
ٽپائڻُ، ٽِپائڻُ: مر. ٽپ ڏيارڻ. اُڪارڻ- پار ڪرائڻ. هڪڙي ورق کان ٻئي ورق تي اُتارو ڪرڻ- ٽپائي رکڻ.
ٽِپائي: ث. ٽن ٽنگن واري ننڍي ميز (عام طرح چئن پاين واري ننڍي ميز کي به چون).
ٽپ ٽپ: ث. ٽڙو ٽڙو ٽي ڪرڻ. ٻوندن جو لاڳيتو آواز. گهوڙي جي هلڻ جو آواز.
ٽِپتائي: ص. ٽن پٽن سان جوٽيا ڪندڙ. ڪيڏاري جوٽاري.
ٽِپرَ: ث. ٽپڙ- گنج. ٽوڙهه.
ٽپرڻُ: مر. گرم شيءِ سان ٽاڪور ڪرڻ. ٽيپرڻ (ٽِني).
ٽِپري: ث. ڪنهن ٿانءَ مان تيل يا گيهه ڪڍڻ لاءِ لوهي ماڻ- ڪرنڊي.
ٽپڙُ: ذ. شيءِ- وَٿُ. وَسلو- سامان، گهرو استعمال جي ڪابه شيءِ (ڳهه ڪپڙو وغيره). اوڍڻ يا وڇائڻ جو ڪپڙو. هنڌ بسترو. سمجهه. همت. (ص) سست. بيوقوف.
ٽپڙ ٽاڙي: ذ. سامان سڙو. هنڌ ٽپڙ. مال اسباب.
ٽپڙي: ث. ڳوڻ جو پال (وڇائڻ لاءِ). پراڻي ٿالهه ڳوڻ جو ٽُڪر.
ٽپڪڻُ: مر. ٽڙو ٽڙو ٿي ٽمڻ، ٽپ ڏيڻ.
ٽپڪو: ذ. جهولي ۾ وٺن (انبن) مان ٽر ڪرڻ جو

لاڳيتو عمل. لاڳيتا ٽپ.

ٽہ پکي: ث. ٽن پکن مان اڏيل جھگي.

ٽپڻ، ٽِپڻ: م. ٽپ ڏيڻ. ٽپ ڏيئي مٿان اکري وڃڻ. اورانگھڻ.

ٽپي پوڻ: ٻن ڌرين يا ماڻھن جي گفتگو ۾ ڪاھي پوڻ. دخل ڏيڻ. ٽپاڪر ٻنجڻ.

ٽپڻ: ث. ٽوڙھه- گنج. ڪيپراٽيءَ جو مٿيون حصو.

ٽپڻو: ذ. سيارن، برجن، نکٽن، راسين ۽ سج چنڊ جي لھڻ اڀرڻ ۽ تاريخن بابت سڄاڻي ڏيندڙ ڪتاب- جنتري.

ٽپو، ٽِپو: ذ. ٽپ- چال. ٽينگ. اُڇل- ٻُل.

ٽپو تاڙ: ث. ٽينگ ٽپو. ھُل گوڙ. زنانو جھيڙو.

ٽپھري: ث. وچين، نماز.

ٽپيري: ث. تاس راند ۾ ھڪ جھڙن ٽن رنگن وارن پتن جو جوڙ.

ٽپيل: ث. ھيٺين ڪورٽ جي فتوي جي خلاف مٿينءَ ڪورٽ ۾ ٻي اپيل.

ٽجوڙي: ث. ملڪيت (رقم، ڳھه، دستاويز وغيره) رکڻ لاءِ ڳجھن خانن واري لوھي پيٽي.

ٽچ: ذ. اختصار- تتُ.

ٽچ ڪڍڻ: منجھه ڪڍڻ- راز معلوم ڪرڻ.

ٽچڪائڻ: م. ٽھڪائڻ- اوبارڻ.

ٽچڪو: ذ. ٽھڪو- اوبارو.

ٽہ- دَرو: ذ. ٽن دروازن وارو صفو.

ٽلا: ث. ٻن ڏاندن جي ويڙھه واري رنب- ٽاڏھه. سيٽ. آڪڙ.

ٽلون ڏيڻ: مستيءَ ۾ رنيون ڪرڻ. وڙھان وڙھان ڪرڻ. ھڪلون ڪرڻ.

ٽلڻ: م. رنيون ڪرڻ. ٽِڪون ڏيڻ. ڪڏ ڪرڻ. مستي ڪرڻ.

ٽرالي: ث (انگ) ريل جي پٽي تي ھلندڙ ننڍو گاڏو. ھڪ يا ٻن ڦيٿن وارو ھٿ گاڏو (بار ڍوئڻ لاءِ).

ٽر ٽر: ث. ڏيڏر جي ڏاڪ. بڪ بڪ.

ٽرڙو: ص. ڪنين ڪتل (پکي). چانگيل (وڻ).

ٽرڙائي، ٽرڙائپ: ث. اجائي بڪ. گھٽو ۽ فضول ڳالھاءُ. طبيعت جي ھلڪڙائي. خسيس حرڪت.

ٽرڙو: ص. گھٽو ۽ اجايو ڳالھائيندڙ. ھلڪي طبيعت وارو (ڳالھائڻ ۽ افعالن ۾). وڏائي خور. ٻٽاڪي. ڪڪڙ جو ھڪ ٻُڻ. (ث. ٽرڙي).

ٽہ- رَقمي: ث. رياضي ۾ ٽن رقمن وارو حساب (جنھن ۾ مليل ٻن رقمن جي مدد سان ٽيءَ رقم جو جواب لھجي).

ٽہ- سالو: ص. ٽن سالن جي عمر جو (جانور).

ٽرڪ: ث (انگ). بار ڍوئيندڙ لاري.

ٽرڪ: ث (انگ) اٽڪل بازي- حرفت.

ٽرڪائڻ: م. ٽارڻ. بھاني سان روانو ڪرڻ.

ٽرڻ: م. ٽري وڃڻ. پاسي ٿيڻ. ھٽي وڃڻ (اکين اڳيان). دفع ٿيڻ. وڃڻ.

ٽُرڻ: م. آھستي ھلڻ- رمڻ. رڙھڻ- چُرڻ. وڇڙو ۽ ھڪ ساريڪو پنڌ ھلڻ (گھوڙو).

ٽرين: ث (انگ) ريل گاڏي.

ٽڙ ٽڙ: ث. ٽاڪئين شين جي ڀڄڻ جو لاڳيتو آواز. ڦلن ڀُڄڻ يا گولين جو ٽڙڪو.

ٽڙڪاٽ: ذ. ڪاٺ وغيره ڀڄڻ جو وڏو آواز.

ٽڙڪڻ: م. ٽڙڪو ڪرڻ (ڀڄڻ مھل). سيرجڻ- چيرجڻ. ڀڄڻ (شيشو، ڪاٺي وغيره). ڀُڄڻ (ڦلا، ڀڳڙا). رڄڻ (گيھه، تيل).

ٽڙڻ: ۾. ڪُلڻ (گُل). ڪِلڻ (مکڙي). ڀھڪڻ- سَرھائي ٿيڻ (اندر ۾). پکڙجڻ.

ٽڙڻ پکڙڻ: پکڙجي وڃڻ. ڇڙوڇڙ ٿيڻ.

ٽڙهه: ص. کٽو- ترش. تمام کٽو.

ٽس: ذ. ٿلهو ڳارو- ٻوهارو.

ٽسانگ: ث. ٽن انگهن واري ٿوڻي. ٽن ڇهنبارين انگهن وارو هٿيار.

ٽسڪائڻ: م. ٽهڪائڻ- اوٻارڻ.

ٽسڪو: ذ. ٽهڪو- اوٻارو.

ٽسول: ذ. ٽن واتن ڳڏڻ وارو هنڌ- ٽواٽو. ٽن نوڪدار شاخن وارو هٿيار- ترشول.

ٽشو: ذ. ڪنگهو پاڻي. بي سواد پاڻي. ڦٽ ڦرڙي مان وهندڙ روڳ.

ٽڦڻ: ذ (انگ) منجهند جي ماني. ماني رکڻ لاءِ ٻن يا ٽن پڙن وارو دٻلو.

ٽڦلو: ذ. ٽن قسمن جي پسارڪن وکرن مان ٺهيل دوا (آنورا، هريڙون ۽ ٻهيڙا)- اطريفل.

ٽڦڻي: ث. ٽڪي مان ماني اٿلائڻ وارو ٽکنڊو لوهي اوزار- وراڻي.

ٽِر- ڦيٿي: ث. ٽن ڦيٿن واري سائيڪل يا گاڏي.

ٽڪ: ث. ڪوڏر سان زمين تي ڏنل نپ (رستي وغيره جي نشان لاءِ). آيت جي لوهي سَرائي (جنهن جي ڦرڻ سان سُٽ ڪتجي). ٿوري ڪير واري مينهن.

ٽڪ ماهه وڙ ڪڍڻ: مار ڏيئي سڌو ڪرڻ. سخت سزا ڏيئي سڌارڻ.

ٽڪ: ث. شيشي جو ٽڪرو (منڊي يا ڪنهن ڳهه ۾). مُهر. آرسي- آئينو. ٽاس ۾ ٽن دالن وارو پتو.

ٽڪ ٻڌڻ: هڪ جاءِ تي ويهي رهڻ (لاٽون، لغڙ).

ٽُڪ: ث. ڪپڙي کي بزائين سان ڪترڻ. ڪاني ۽ تي اڪريل چِٽ ڳل.

ٽڪا: ذ. (واحد. ٽڪو) پئسا. ناڻو. رقم. دولت.

ٽڪاٻي: ث (ع) تقاوي.

ٽڪاڙ: ث. سانجهي ۽ جي مهل- نماشام.

ٽڪاڻو: ذ. ٽڪڻ جي جاءِ. ٽڪاڻو. هندومت جي پاٺ پوڄا جو آستانو.

ٽڪاءُ: ذ. هڪ هنڌ ويهڪ. سڪونت. بقاء.

ٽڪائڻ: م. رهائڻ- ترسائڻ. مهمان ڪرڻ، هڪ هنڌ ڪُپائي ويهارڻ.

ٽڪ ٽڪ: ث. واچ يا گهڙيال جو آواز.

ٽڪٽڪي: ث. ٽن ڪاٺين مان ٺهيل هڪ قسم جي گهوڙي (جنهن سان ٻڌي ڏوهاري کي ٽڪا هڻجن).

ٽڪر: ذ. ٻن يا وڌيڪ شين جو پاڻ ۾ زور سان لڳڻ- تصادم. ٻهڙ- ٿونو (جانور جو). زور سان ڏڪ. زور آزمائي وارو مقابلو، چِپر- ڏونگر.

ٽڪر ڏاکڻ: سخت جفاڪشي ڪرڻ. وڏي مشڪلات مان پار پوڻ.

ٽُڪر: ذ. ٽڪرو- ٽوٽو. ٻورُ. ڀاڱو. ٽرو- پرزو. ڳيو (مانيءَ جو).

ٽُڪر اگهامڻ: خيرات ۾ ڪارايل ماني قبول پوڻ. سرخرو ٿيڻ.

ٽُڪريور: ذ. مانيءَ ڳيو. ماني ٽڪي.

ٽُڪراٽو: ذ. گهڻا ٽڪرا- ٻورا ٻورا. ڪپڙي جا بچيل ٽڪرا. سرن جا آٽڙ.

ٽڪرائڻ: م. ٻن شين کي پاڻ ۾ زور سان ٽهڪائڻ، ڀيٽ ڪرائڻ. ويڙهائڻ. مقابلو ڪرائڻ.

ٽُڪر ٽانيو: ذ. ٽرو پرزو. ڀڳ ٽوٽ.

ٽڪرجڻ: م. ٽهڪڻ- لڳڻ (آمهون سامهون). منهن مقابل ٿيڻ. وڙهڻ.

ٽڪرڻ: م. زور سان لڳڻ- ٽڪرجڻ. اوچتو ملي وڃڻ- ڳڏجڻ. ڀيٽ ٿيڻ. مقابلو ٿيڻ. وڙهڻ.

ٺڪرو: ذ. ٺڪر- ڀورُ. ذرو. حصو- ڀاڱو.

ٽڪري: ث. ننڍو ٽڪر- پهاڙي. جبل جي ڀيڙي يا پاسي نڪتل ننڍو حصو.

ٽِڪري: ث. جُوئا جو اڏو. جوئا لاءِ مقرر جاءِ.

ٺُڪري: ث. ٺوري ٺري. ٺورو حصو. رلي؛ جي پڙ ۾ رڱيل ڪپڙي جو ٺڪر- ٺوڪري.

ٺُڪريلُ: ص. ٽڪرن تي پليل. در جو نوڪر. رول. لوتيل. ڏڪاريل.

ٽِڪڙو: ذ. نراڙ تي سِينڌُر يا زعفران جو نشان (هندن جي رسم). تلڪ. ڳهه جو هڪ قسم.

ٽڪڙي: ث. ننڍي ساهمي.

ٽِڪساٽُ: ذ. سوڻ ساٽ. سُٺي ٺِڪي. حيلو وسيلو. ٺاهه جوڙ (عارضي). ڏيک ويک. اٽڪل بازي واري نمائش. عارضي مانڊاڻ.

ٽِڪسالَ: ث. سرڪاري سِڪن ٺاهڻ جو ڪارخانو- ضربخانو.

ٽڪلو: ذ. سُٽ يا ڏاس ڪتڻ لاءِ ڪاٺيءَ جي ڦرڪي.

ٽِڪلي: ث. حڪومت طرفان خاص مُهر واري ڪاغذ جي ننڍڙي ڇاپ (خط پٽ يا ڪورٽ في طور لڳائڻ لاءِ).

ٽِڪُنڊو: ذ. ٽن ڪُنڊن واري شڪل يا ايراضي.

ٽِڪَڻُ: م. هڪ هنڌ رهڻ. ڄمي ويهڻ. قائم رهڻ- جٽاءُ ڪرڻ. ڪُپڻ. رهڻ- ترسڻ (مهمان تي).

ٽِڪو: ث. ٺوڙهه- روڏ- گنج. مٿي جو ٺارونءَ وارو حصو.

ٺُڪَڻُ، ٺُڪِڻُ: م. ٺڪ ڪرڻ. ڪترڻ (ڪپڙو). ٺڪ ڪري چٽ ۽ نقش ٺاهڻ- اُڪَر ڪرڻ. ٺاڪڻ (جبل).

ٽڪو: ذ. ٻه پئسا. ٻن پئسن مُلهه وارو ٽامي جو سڪو (جيڪو ۱۹۴۷ع کان اڳ گڏيل هندوستان ۾ رائج هو).

ٽڪو (ٽرڪو): ص. گدلو- ميرو. بدبودار. ڪِنو. بدافعال. (ث. ٽڪي).

ٽِڪو: ذ. تِلڪ. داغ. چٽو. ڪلنڪ- ڪارنهن جو داغ. عيب. ڳهه جو هڪ قسم. ٽن جو عدد. تاسَ ۾ ٽن داڻن وارو پتو. دهل يا طبلي جي وڄت جو گُر.

ٽِڪو پَنجو: ذ. ياڱا پٽيون. ورهاست. حيلو وسيلو. اٽڪل سٽڪل.

ٺُڪو: ذ. چيرُ- وَڍُ (پاڪي يا تکي اوزار جو). وچڙندڙ بيماريءَ کان بچاءُ لاءِ ٻانهن ۾ چير ڏيئي جسم ۾ دوا داخل ڪرڻ. ٻَني کي ڪوڏر سان ڏنل وڍ.

ٽڪورَ: ث. ٺاڪور. هلڪو ڏڪ- ٺوڪر.

ٽِڪوري: ث. ڀاسن واري ٽڪنڊي رواتي.

ٽِڪي: ث. ننڍي ماني. لولو. دوا جي گولي. چَڪي (صابڻ جي). پڙي (چنڊ جي). پيڻ جو پاڀوڙو. مٺائي جو هڪ قسم. آڳ (راند جي). تاس ۾ ٽن داڻن وارو پتو.

ٽِڪيٽَ: ث (انگ) ريل گاڏي يا بس وغيره ۾ سفر ڪرڻ جو ڪاغذ (جنهن تي رقم، تاريخ ۽ اسٽيشن جو نالو لکيل هجي). سئنيما ۾ داخلا جو ڪاغذ.

ٽِڪيٽَ وٺائڻ: ملازمت يا ڪم کان جواب ڏيڻ.

ٽِڳُو، ٽِڳُوُ: ث. جابلو ٽڪنڊي ايراضي وارو هنڌ.

ٽِڳُوُ: ذ. ٽن لاڳيتن پُٽن جي مٿان ڄاول ڌيءَ، يا ٽن لاڳيتين ڌيئن مٿان ڄاول پُٽ.

ٽڳُ: ث. ٺُڪَ. پَٽ ڪوهه.

ٽڳا: ذ. حال ڏاڳا (فقيراڻا). سڳا ڏاڳا ۽ تعويذ ڦُلَ. پراڻا ڇنل ڪپڙا. ميرا ۽ ڦاٽل ڪپڙا.

ٽڳا ٽوڙڻ: لاڳاپا لاهڻ- واسطا ڇنڻ.

ٽڳڙُ: ذ. وڏو ٽڪو- پڳڙ.
ٽڳڻُ: م. ٽونگا هڻي ڇڳڻ. دانو دانو ڪري ڪائڻ. ڇهنب هڻي ڪائڻ (ميوي کي). بخيو ڏيڻ. ڇٽي هڻي ڳنڍڻ (ڪپڙو).
ٽڳو: ذ. وٽيل سڳو. فقيرن جي ڳچيءَ ۾ پيل ڌاڳو (جنهن ۾ مٿيا مٿڪا پوتل هجن). خاص فقيرائو ڳانو. ميرو وڳو. ڇتين لڳل پراڻو ڪپڙو.
ٽلُ: ث. اٽڪل روءِ ڪَٽَ يا تورَ. تخمينو. حرفت- اٽڪل. تجويز- رٿ.
ٽلڪڻُ: م. وهندڙ پاڻي ۾ ترڳڻ- اولجڻ.
ٽلڻُ: م. ناز نخري سان هلڻ- ٽور سان هلڻ. آهستي آهستي هلڻ.
ٽلو: ذ. ڄٽو (مالهن جو). وڳ (اٺن جو)- ٽلو. ڌڻ (جانورن جو). انبوه. ڪانن جو ڍڳ. چوپائي مال جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل وڏو چڙو.
ٽلو: ذ. دهل جي هڪ وجت.
ٽلهہَ: ث. ٽن ٽڻن واري مينهن.
ٽلهڙ: ث. ٽي ڄڻا گڏ. هڪ ٻئي پويان جاول ٽي ٻٽ. يا ٽي ڏيون. ٽي ڄڻا گڏ سوار (اٺ، گهوڙي وغيره تي).
ٽلي: ث. ڪنجهي جي تمام ننڍي وٽي (ساز طور ترمي پچن پاوَ ۾ ٽليون وڄن). ننڍي ڄڙي (چوپائي مال جي ڳچيءَ ۾ ٻڌجي).
ٽماٽو: ذ (انگ) پاڃيءَ طور ڪم ايندڙ اوبڙ.
ٽم ٽم: ث (انگ) ٻن ڦيٽن واري هڪ خاص قسم جي گهوڙي گاڏي.
ٽم ٽم: ث. ڦڙو ڦڙو ٽي پاڻي ڳڙڻ جي حالت. ڏيي يا لالٽين جو ٽمڪو. تارن جي روشني.
ٽماڙ: ث. هڪ ٻئي مٿان اڏيل ٽن طبقن واري جاءِ.
ٽماهي: ث. ٽن مهينن جو عرصو- سِماهي.
ٽمتارُ: ظ. مُنهان تار پريل.
ٽمجهڻ: ث. جهيڙو. پائيتال- مانداڻ. گهبي.
ٽمڪڻُ: م. ٽم ٽم ڪرڻ. ٻرڻ وسامڻ. دونڪڻ- چمڪڻ (تارا).
ٽمڪو: ذ. لاڳيتو ٻرڻ اُجهامڻ (بتي، ڏيو). ٽم ٽم (تارن جي).
ٽمڻُ: م. وهڻ (ڦڙو ڦڙو)- ڳڙڻ. نڪرڻ (پگهر). ڪرڻ (لڙڪ).
ٽموُرتي: ث. ٽن ديوتائن (برهما، شو، وشنو) جي شڪلين وارو بُت.
ٽنُ: ذ (انگ) اناوِيهن مڻن تور جو ماپ.
ٽنبَ: ث. ڳوڻ کي ڳنڍڻ يا منهن بند ڪرڻ واري سنهي ڪاٺي.
ٽنبجڻُ: م. چوپائي (ڳئون، مينهن، ٻڪري) جو ڳپ ڪيرائڻ.
ٽنبڻُ، ٽُنبڻُ: م. چُهنبياري شيءِ (ڪاني، ڪوڪو، سُئي وغيره) زور سان گهيڙائڻ. چُڀائڻ. اٽڪائڻ- مداخلت ڪرڻ. ڦاسائڻ (ڪم ۾).
ٽنٽو: ذ. جهيڙو- تڪرار. مناظرو. اختلافي بحث.
ٽنجڻُ: م. سُٽ کي نيٽو ڪري وٽڻ. وارن جي ٽن ڇڳن کي ملائي چوٽي ڳنڍڻ. ڪپڙي جي ٽن ڏرن کي ڳنڍڻ لاءِ ڪِيلَ هڻڻ.
ٽنڊ: ث. مٿي جي پيشاني وارو حصو. مٿي جو ڪاپار ۽ چوٽيءَ وارو حصو.
ٽنڊ تي ٽوپي: ث. وڏائي ناهہ ٽوهہ (ڪپڙي لٽي جي). لباس جي سُهڻائي.
ٽُنڊُ: ص. هٿن ۽ ٻانهن کان معذور- ٽُنڊو.
ٽنڊڙڻُ: م. لٽڪڻ- لڙڪڻ (وڻ، رسي وغيره ۾).
ٽنڊسُ: ذ. ميڙ- ڳاهٽ. گاهلو- گهہَ پيهہ.

ٽِنبَڻُ، ٽِنبِڻُ: ذ. هڪ قسم جو جيت (ڪارو ۽ پورو، ڪچين پٽين ۽ زمين ۾ ڏرڙ ناهي).
ٽِنبِڙي: ث. هڪ قسم جو جيت (ٽنبڻ جهڙو).
ٽُنبَو: ذ (بلوچي. توده= ڳَلَن يا اَنَ ۽ گاس مان ٺهيل وڏو طنبو) بلوچ قبيلي يا ڪٽنب جي رهائش واري جُوءِ. بلوچن جو اٽيل ڳوٺ.
ٽُنڊو: ص. جنهن کي هٿ نہ هجن. هٿن وڍيل. معذور.
ٽنڊيلُ: ذ (انگ) واهن جي مورين تي سنڀال ڪندڙ سرڪاري ملازم.
ٽنگَ: ث. ڪنهن بہ ساهواري جو هڪ مکيہ عضوو- ٽنگهہ. بيجان شيءِ جو پايو.
ٽنگَ اٽڪائڻ: ڪنهن معاملي ۾ هٿ وجهڻ. دخل ڏيڻ. وچ ۾ پوڻ. دست اندازي ڪرڻ. اٽڪاءُ وجهڻ.
ٽنگ پکيڙ ڪرڻ: تعلقات وڌائڻ. ڪم يا ڪاروبار وڌائڻ. گهڻا ڪم هٿ ۾ ڪڻڻ.
ٽنگ ڪڻڻ: بي همت ٿي آڻ مڃڻ. عاجز ٿيڻ.
ٽنگون هڻڻ: پنڌ ڪرڻ. گهڻو هلڻ. هل هلان ڪرڻ. ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ.
ٽِنگَ: ث. پاڻيءَ جهڙي پتري رب. پيچي. پاڻيءَ جهڙو ڇڊو شوررو.
ٽُنگُ: ذ. سوراخ. ٻِرُ. سَلُ. تُن. لوگهو. ڳُڙک.
ٽُنگ پرڻ: ڪوٽ جو پوراٽو ڪرڻ. نقصان پرڻ. چٽي پرڻ.
ٽنگا ماٽِي: ث. آڪڙ- سيٽ. رسامو. ڏاڍ مڙسي.
ٽنگِجَڻُ: م. لڙڪڻ. لٽڪڻ. ڦاهي چڙهڻ. سزا کائڻ.
ٽِنگَرُ: ذ. تير- ٻاڻ- ڪانُ.
ٽُنگَرُ: ص. سوراخدار. عيبدار. چغلخور.
ٽنگڙُ: ذ. ٿلهي نوڙيءَ مان ٺهيل خرزين وانگر جاري (جيڪا وهٽ تي رکي سامان لڏجي). مرون کي ڦاسائڻ لاءِ مُڇ يا ڪاٻار جو دامُ. گهٽ پاڻي واري حالت ۾ ٻارَ جي وَهڪ. ٽيڙو (نکٽ).
ٽنگِڙي: ث. ملهہ جو هڪ داءُ. پاڪڙي جي پوئين خاني وارن رکيبن کي جهلڻ لاءِ چمڙي جو پٽو.
ٽنگڻُ، ٽنگِڻُ: م. لٽڪائڻ (نوڙي، رسي، ڌاڳي وغيره ۾). ٻڌي لڙڪائڻ. ڦاهي ڏيڻ. سزا ڏيڻ.
ٽنگِڻي: ث. پٽ ۾ ڪپڙن وغيره ٽنگڻ لاءِ لٽڪڻي.
ٽنگوڙِي: ث. چادر مان ٺهيل جهولي (ٻارڙي کي لوڏي سمهارڻ لاءِ).
ٽنگوٽالِي، ٽنگاٽولي: ث. ماڻهوءَ کي ٽنگن ٻانهن کان جهلي لڙڪائڻ جو عمل.
ٽِنوَ: ث. ٽاري- لام. پيچرو.
ٽِڻُ: ذ. مقرر جاءِ. انجام وارو هنڌ. مقرر ٽاڻو. داءُ- وَجهہ. نوٽڻ راند جو هڪ داءُ- پَريو.
ٽِڻُ گسائڻ: وجهہُ وڃائڻ- موقعو هٿان ڇڏڻ.
ٽِڪُ، ٽِڪَ: ص. چالاڪ- حرفتي. حرڪتي- لُچ.
ٽِڻِ مِڻِ: ث. اجايو ڳالهاءُ- بڪ بڪ. زباني تڪرار. حجت بازي.
ٽِڻِ مِڻِ لاهڻ: سيکت ڏيڻ. سزا ڏيئي سڌو ڪرڻ.
ٽِئِي: ث. آڳر جي ٻُل وارو سَنڌ. آڳر جي ڏوڏي. پيرِ جي مُرڻي واري هڏي- پيڏي.
ٽِيڪَ: ث (انگ. ٽرنَڪ) لوهي پيٽي.
ٽواٽو: ذ. ٽن واٽن ڦٽڻ يا گڏجڻ وارو هنڌ.
ٽُوالُ: ذ (انگ) هٿ منهن اگهڻ لاءِ پاڻي جذب ڪندڙ خاص قسم جو ڪپڙو.
ٽِوايو: ذ. ٽن ٻولين ۾ معنيٰ وارو ڪتاب.
ٽوٻو، ٽوٻيَرُ: ص. ٽٻيون ڏيندڙ- غوطي خور- غواص.

ٽوبو: ذ. قدرتي طرح زمين مان سمنڊ پاڻي جو ڇُٽو (جنهن مان پاڻي وهي نه، بلڪ هڪ- ڪرو بيٺو هجي). پاڻيءَ جي ننڍڙي ڪڏ يا ڍُبو. چشمو.

ٽوٽِ: ث. نقصان- گهاٽو. سُستي- ياءَ (بدن ۾). آرس. سرِن، پٿرن يا ٻين شين جا ٽُڪرا.

ٽوٽُ: ص. بي انعالو. ٽرڙو. سُست.

ٽوٽڪائي: ص. علاج لاءِ ڏس پتو ڏيندڙ نيم حڪيم. ٽوٽو ٽيٽو ڪندڙ. ڪل پوڳ وارا نقل بڌائيندڙ.

ٽوٽڪو: ذ. ننڍڙو ٽڪر- ٽوٽو. گهرو علاج جو نسخو. حيلو. ٽوٽو ٽيٽو. نصيحت واري ڳالهه. ننڍي آکاڻي، ڪل پوڳ وارو نقل.

ٽوٽو: ذ. ٽُڪرو- ڀڳل حصو. ذرو- پورُ. ڪاٺيءَ وغيره جو ڀڳل ٽڪر. سرَ جو اڌڙ. نقصان- ڇيهو.

ٽوپُ، ٽوپ: ذ. خاص قسم جي وڏي ٽوپي (جنهن سان ڪن به ڍڪجي وڃن). ڪن تائين ڍڪيل ٽوپي. ڪپڙي يا اُنَ مان ٺهيل ٻاراڻي ٽوپي. جِست جي هنڊي.

ٽوپلو: ذ. ڇاڄي واري ولائتي ٽوپي.

ٽوپَڻُ، ٽوپِڻُ: م. ٽوپو ڏيڻ. سبڻ. ٽاڪڻ. ڳنڍڻ (جُتي، ڪپڙو وغيره).

ٽوپو: ذ. بخيو- سبيو. ٽانڪو.

ٽوپو ڏيڻ: ڳنڍڻ. ٽُٽل معاملي ناهڻ جي رٿ ڪرڻ.

ٽوپي: ث. مٿي ڍڪڻ جو پوش (ڪپڙي يا ڪل مان ٺهيل). جهُني يا چلم جو ڦُل. سُلفي.

ٽوپي لاهڻ: بي عزتي ڪرڻ. جٺ ڪرڻ.

ٽورَ: ث. هلڻي- چال. آهستي هلڻ. ناز نخري واري هلڻي. گهوڙي جو پنڌ.

ٽورَڻُ، ٽورِڻُ: م. آهستي پنڌ ڪرائڻ. هري هري هلائڻ. ڪاهڻ. ڏورڻ.

ٽورو: ذ. گونهه- ڪرفتي.

ٽورو ٽيو: ذ. هنگڻ مُتڻ.

ٽورو مُنجهڻ: ڊپ ۾ حواس خطا ٿيڻ. هراسجڻ.

ٽُورو: ص. گوڏن ۽ ٽوٽئين تي اونڌو (پولهه مٿي ڪنيل هجي)- اُنڌو. ڪُٻ ڪڍي پاسيرو ستل. ڪُٻو (جسم). (ث. ٽُوري).

ٽُورو ٿيڻ: اونڌو ٿيڻ. بيماري ۾ وتجڻ.

ٽوڙُ: ذ. ڀڃڻ جي حالت- ياءَ. رد. بچاءَ لاءِ حيلو. مداخمت. ڪنهن دوا جي نقصانڪار اثر ختم ڪرڻ لاءِ ٻي دوا- ترياق. جبل يا ٽڪريءَ جو مٿانهون حصو. جبل جو ڇيڄي جدا ٿيل حصو- ٽوڙهو. (ص) ٽوڙيندڙ- ڀڃندڙ.

ٽوڙَڻُ، ٽوڙِڻُ: م. ڀڃڻ. ٽڪر ڪرڻ. ڏارڻ. ڍاهڻ. ٽاڪڻ (پهڻ). ڇنڻ (رسو، هار). ڇڏڻ (مائٽي، دوستي، تعلق). جدا ڪرڻ. ٽار ڪرڻ.

ٽوڙهه: ذ. رسو. رسي مان ٺهيل ڳراهو. جبل يا ٽڪر جي ننڍي شاخ.

ٽوڙهو: ذ. واڄهه- رسو. ڳراهو. پازيب (ڳهه).

ٽوشُ: ذ. ڊبل روٽي جو سيڪيل ٽُڪر.

ٽوڪَ: ث. چرچو. چٽر- ٺٺول.

ٽوڪبازي: ث. چٽرون. ٺٺوليون. چرچا گهڻا.

ٽوڪَرَ: ث. آهستي ڏڪ (ٽاڪئين شيءِ کي). ٽوڪر. چرچو- ٺٺول.

ٽوڪرجَڻُ: م. هلڪي ڏڪ لڳڻ سان سيرجي پوڻ (ٽاڪئين شيءِ).

ٽوڪِرو: ذ. بانس يا لٺي جي تيلين مان ٺهيل ڪارو. ڏلهو. ڇبو.

ٽوڪِري: ث. ننڍڙو ڪارو. گلن يا ميوي رکڻ جي ڇٻي. ڪاغذن رکڻ يا اُڇلائڻ جي ڇبي.

ٽوڪَڻُ، ٽوڪِڻُ: م. منع ڪرڻ (زبان سان).

روڪڻ- اعتراض ڪرڻ.

ٽولَ: ذ. شيءِ- چيز. ٻارن لاءِ رانديڪو يا منائي.

ٽولاڪڻُ: م. لوڙهڻ (پاڻيءَ ۾). رولڻ (رڻ، جهنگ ۾). ڇني ڌار ڪرڻ (ٻچن کي).

ٽولاڪو: ذ. ٽولجي وڃڻ. ٽٽي وڃڻ. ڏاڪڙو. رولاڪو.

ٽولڻُ، ٽولِڻُ: م. ٽوڙڻ- ڇنڻ. جدا ڪرڻ (ٻچن کي). ڌار ڪرڻ. رولڻ. وڇوڙڻ.

ٽولو: ذ. ميڙ (ماڻهن جو)- انبوه. گروه. جماعت، فرقو. ولر.

ٽولهَرُ: ذ. ڪاري يا ڳاڙهي وڏي جُوڻِءِ.

ٽولِي: ث. ٿورن ماڻهن جو مجموعو. سٽ. جماعت.

ٽُون: ث. زور واري ٽُوڪَ جو آواز. ريح.

ٽونِٽي، ٽوٗنِٽي: ث. پُستي (گهوڙي جي). اِٽَ (گڏهه جي). ڪوٗنري جي ٽُن. نل جي ٻنجي.

ٽونرُ، ٽوٗنرُ: ذ. سٽ يا پَٽ جي تندن مان نهيل ڳُل (ڪپڙي، گج، رَئي، سڳين، ٽوپي يا جُتيءِ تي ٽانڪڻ لاءِ)- ڦندڻ. جهاٻو.

ٽونڪارَ، ٽوٗنڪارَ: ث. ٿوري ڪنگهه. ٻوٗنڪ.

ٽوٽو: ذ. جادو- منتر. حيلو (ڏاڳي ڦيٽي جو). علاج (ڦيٽي ڦُلَ سان).

ٽوٽو ڦيٽو: ذ. حيلو وسيلو. سڳو ڏاڳو.

ٽُوهَ: ث. تلاش. سُنُسَ.

ٽُوهُ: ز. هڪ قسم جي ولِ ۽ ان جو ڦر.

ٽوڪِي: ث. هڪ ٽوٽي آن جو ٻانڌاڻ (جيڪو ٻتي ۾ مسجد يا درگاهه جي لاءِ ڏن طور ڪيجي).

ٽُوٽو، ٽُتو: ذ. ٻين مان نهيل پڙڇ (ڪنڌي، پَتر يا چپر طور ڪم آڻڻ لاءِ).

ٽويو: ذ. آن ميڻ جو هڪ ماڻُ (انداز چار سير).

ٽويو ٽنگڙُ: ذ. سامان سڙو- مال اسباب.

ٽِهه: ث. اُڄ.

ٽِهاڙ: ث. ٽن سالن ڄمار واري مينهن.

ٽهه ٽهه: ث. وڏي آواز سان کِلَ ٽهڪڙو.

ٽهڪُ: ذ (ع. قهقه) زور سان کِلَ. وڏي آواز سان کِلَ. ٽهه ٽهه.

ٽهڪائڻُ: م. ٻڙڪائڻ. اوٻارڻ. چاڙهڻ (ڪُني).

ٽهڪِڙو: ذ. ٺادي کِلَ. لاڳيتا ٽهڪ.

ٽهڪڙو مچائڻ: کل مسخري ڪرڻ. ڌمچر مچائڻ.

ٽهڪڻُ: م. اُٻرڻ (پاڻي، تيل، گيهه وغيره)- ٻڙڪڻ. رڌجڻ. جلڻ (اندر ۾). ٽهڪ ڏيڻ. ٽِڙڻ (گل ڦل). ٻهڪڻ (وڻ ٽِڻ).

ٽهڪو: ذ. اوٻارو- ٻڙڪو. جوش. اُڌمو. ٽهڪ.

ٽهَلَ: ث. آهستي پنڌ (هوا خوري لاءِ). ٽورَ سان هلڻ. خذمت- چاڪري. تيمارداري.

ٽهل ٽڪورَ: ث. خذمت چاڪري. پرگهور (بيماري جي). تيمارداري.

ٽهلائِڻُ: م. آهستي آهستي پنڌ ڪرائڻ (ٻار، بيمار يا گهوڙي کي)- گهمائڻ.

وندرائڻ (ٻار کي).

ٽهلِيو: ص. چاڪر. خذمتگار. نوڪر.

ٽهَڻُ: م. ٺاهه ڪائڻ- ڇرڪڻ. ڊڄڻ. پري ٿيڻ. ڦِري وڃڻ (سوٗدي ٽان). دل ڪڄڻ.

ٽهي: ث. ڄمار- وَهِي.

ٽيڪس: ذ (انگ) محصول. ناڪو.

ٽينڪَ: ث. (انگ) جنگ ۾ ڪم ايندڙ وڏي مضبوط ۽ مٿان ڍڪيل. لوهي گاڏي.

ٽي: ذ (سن. ٽر) هڪ عدد (٣).

ٽي پٽر ڏيڻ: طلاق ڏيڻ. قطع تعلق ڪرڻ.

ٽِي: ث (انگ) چاءِ- چانهه.
ٽِي پارٽي: ث. چانهه پاڻي جي دعوت.
ٽِياسُ: ذ. مرلي جو ٽيو ڏينهن- ٽيجهو.
ٽِياڪُرُ، ٽِياڪڙُو: ص. ٻن ماڻهن يا ٻن ڌرين جي تڪرار ۾ ٽيون ڪندڙ- ثالث. امين. دلال.
ٽِيانگُ: ذ. ٽن شاخن واري ڪاٺي- ٽِسانگ.
ٽِيٽَ: ث. نظرداري. سُڌِس. مخفي طرح خبرچار.
ٽِيڪَ: ث. ڪمان دار گليل.
ٽِيڪڙي: ث. جيت جو هڪ قسم. (ص) گهڻو ڳالهائيندڙ. ايري جسم وارو.
ٽِيڪَڻُ: م. مٿاڇرو جاچڻ. اک مان ڪڍڻ. جاچ رکڻ. ڏسڻ- تاڙڻ.
ٽِيٽي: ذ (انگ T.T) ٽڪيٽون چڪاس ڪندڙ ريلوي جو ملازم.
ٽِيٽيهرَ: ث. هڪ قسم جو پکي- ٽٽيهر.
ٽِيپَ: ث. جيل جي سزا. جيل- قيد. طنبور ۾ مٿين سُر جي آلاپ واري تند.
ٽِيپُڙُ: ص. ٽيپون ڪاٽل. عادتي ڏوهاري.
ٽِيپَ: ث (انگ) ماپ ڪرڻ لاءِ ڪپڙي وغيره جي پٽي. نَتيلَ. پلاسٽڪ جي آواز ڀريل پٽي يا ڦيٿ.
ٽِيپو: ذ. ڦڙو- قطرو.
ٽِيجهو: ذ. مرلي جو ٽيو ڏينهن (جنهن تي ختمي خيرات جي رسم ٿئي).
ٽِيچَرُ: ذ (انگ) سکيا ڏيندڙ اُستاد. ماستر.
ٽي دائيون: ث. ياري جو ٽن دائن وارو داءُ (جيڪو "هار" جو داءُ آهي).
ٽي دائيون پوڻ: ڪوشش جو اُبتو نتيجو نڪرڻ.
ٽِيڏُ: ذ. ڏنگُ- ڦڏ. وَرُ (ڪاٺيءَ ۾). اک ۾ ٽيڏائي جو عيب.

ٽيڏاڻ، ٽيڏائي: ث. ٽيڏ.
ٽيڏائِجڻُ: م. ٽيڏائي هئڻ. ڦڏو نظر اچڻ. ڪجهه ڏنگُ هئڻ (ڪاٺيءَ ۾). مڙيل هئڻ. ٽيڏائي جو عيب هئڻ (اک ۾). ترڇائڻ.
ٽيڏو: ص. ڦڏو- ترڇو. مُڙيل. هڪ اک جو تارو ڦريل- ترڙو. پاسيرو- ڏيڏو. (ث. ٽيڏي).
ٽيرُ، ٽيرو: ذ. ڳوهيل اٽي جو چاڻو. ڳوڙهو (مٽيءَ جو). پٽرُ.
ٽيڙ: ث. ٽيڙڻ جو عمل. پکيڙ (عضون، ڪنين، تارين جي). ماڪَ (ت). چُڙ ۾ ٻڌل ڪپڙي جون پينڊيون کولڻ.
ٽيڙُ: ذ. ڏنگُ- ٽيڏ. وَرُ.
ٽيڙ ٽپا: ذ. ٽيڱ ٽپا.
ٽيڙُو: ذ. ٽئي ٽئي ڏينهن ايندڙ واري جو تپُ.
ٽيڙ تپُ: ذ. سخت ٻرو. وڏي مصيبت.
ٽيڙ پکيڙ: ث. چڙويڙ ڪرڻ جي حالت. پيچ ڊاهه. ڪم ۾ وڻاءَ- اجائي اينگهه.
ٽيڙڻُ: م. پکيڙڻ (پر، ڪنيڙائيون، عضوا). کولڻ (واڇون). ڏيکارڻ (ڏند). ساهڻ (ڪَرَ، لِڱَ).
ٽيڙو: ذ. پَرُ (پکيءَ جو)- ڪنيڙائي. چيلهه- ديونگو. ٽيپو- ڦُڙو. هڪ گرانهه جيترو پَٽ جو چاڻو. (ص) ڏنگو- وريل- ڦڏو (ث. ٽيڙي).
ٽيڙهِ ٽُنو: ص. معذور. سست- ٽوٽي.
ٽيڙُو: ذ. هڪ مشهور نکٽ- ٽيلهُو- ٽنگڙُ.
ٽيڙي: ث. آڪڙ- سيٺ. ڦُوند- وڏائي.
ٽيشَ: ث. آڪڙ- ڦُوند. موچارائي (ڪپڙي لٽي ۾). مزو- لذت. موج.
ٽيشَنَ: ث. اسٽيشن.
ٽيڪَ: ث. آڏ- آڏر. جَهلَ (ڀت، ڇت وغيره جي).

ٽوڻي- ضامن. پُٺتي. همراهي- سات. پُٺڀرائي. مدد. تائيد. ڏيڍ. ٻل (ڪاٺي جو).
ٽِڪا: ث (سن) شرح- سمجهاڻي. معنيٰ.
ٽِڪاٽِپڻي: ث. نڪته چيني. تنقيد ۽ تبصرو.
ٽِڪَرَ: هُشي. ڪوڙي شاباس. ٻچ. پٺڀرائي.
ٽيڪَڙُ: ذ. اُپاءُ- حيلو. بندوبست.
ٽِڪَمُ: ذ. ڪوٽائي جو هڪ اوزار- چَنجورُ.
ٽيڪَڻُ، ٽيڪِڻُ: م. ٽيڪ ڏيڻ- آڌر ڏيڻ. نمائڻ (متو). سِر نوائڻ. سجدو ڪرڻ. جهلڻ (چلم، حُقو، ٻيڙي).
ٽِيڪَڻُ: م. روڻڻ (ٻار جو). دانهون ڪرڻ.
ٽيڪو: ذ. ٽيڪ- آڌر. مدد- پٺڀرائي- تائيد.
ٽِيڪو: ذ. ڪَبُرن جو آواز. زنانو گوڙ ۽ جهيڙو.
ٽِيڪوتاڙِي: ث. زباني جهيڙو (زالن جو)- ٻَٽِيڪو.
ٽيڳِر، ٽِيڳِر: ث. اجائي آڪڙ- سيٽ- ڦُوند. هُشي.
ٽِيڳِرجَڻُ: م. ڦُوندجڻ- آڪڙجڻ. هُشي تي سيٽجڻ. چُرچ تي ميڙجڻ.
ٽيلارو: ذ. آهستي آهستي پنڌ ڪرڻ جو هڪ نمونو (سير ڪرڻ لاءِ)- پسار.
ٽيلارا ڏيڻ: ناز نخري سان هلڻ. هر هر اچڻ وڃڻ. پسار ڪرڻ.
ٽِيلو: ذ. مٿانهين جاءِ. مٿانهين هنڌ جي چوٽي. تخت. وڏائي. شان مان. دٻدٻو.
ٽيلهِ: ث. ٽن مائهن جو جوڙ. ٽن ڄڻن جي وهٽ تي گڏيل سواري. ٻنيءَ کي ٽيو هر.
ٽيليفونُ: ذ (انگ) تار تند رستي ڳالهائڻ جو اوزار.
ٽِيمَ: ث (انگ) ڪنهن کيڏ ۾ گڏجي حصو وٺندڙ مائهن جي ٽولي- ٻاري. رانديگرن جي ٽولي.
ٽِيهُ: ذ (انگ) هڪ قسم جو ڌاتو (جنهن مان عام طرح دٻا ٺهن). ٽين مان ٺهيل دٻو.
ٽِيه ٽِيه: ث. طوطي جو لاڳيتو آواز. بڪ بڪ. اجائي حجت. زباني تڪرار.
ٽِيڻو: ص. ٽي ڀيرا وڌيڪ. (ث. ٽيڻي).
ٽِيوَ: ث. ريت- پَرِ. روش. سُياءُ. عادت.
ٽِيوبْ ويلْ: ذ (انگ). اهو کوهہ جنهن مان مشين جي وسيلي پاڻي ڇڪي ڪڍجي.
ٽِيهَ: ص. ٽن ڏهاڪن وارو عدد (٣٠).
ٽِيهَ ٽي پڙهڻ: سڄو قرآن شريف پڙهڻ. سڀ علم حاصل ڪرڻ.
ٽِيهو: ص. ٽيهن ڏينهن وارو (مهينو).

ٺ

ٺ: ث. اُچار "ٺي". سنڌي "الف- بي" جو اٺون اکر.
ٺاهُ: ذ. ٺڪاءُ جو زوردار آواز. ڪِرڻ يا ٽڪرجڻ جو آواز. ٺٺاڪي يا بندوق جو آواز.
ٺاٺُ: ذ. بيهڪ (مضبوطي سان). اڏاوت. شان شوڪت. مال اسباب. ڏيکاءُ. راڳ ۾ سُرن جي بيهڪ، سٽاءُ ۽ مجموعو (جملي راڳ ڏهن ٺاٺن ۾ ورهايل آهن).
ٺاٺُ باٺُ: ذ. شان شوڪت. ڏيک ويک- ٺاهہ ٺوهہ. مال اسباب.
ٺاٺارو: ص. ٺاٺ وغيره ڌاتو ٺپي ٺانوَ ٺاهيندڙ.
ٺانا مانا: ذ. چرچو گهبو- کل مسخري، خوشطبعي.

ٽانا مانا ڪرڻ؛ خوش خير عافيت ڪرڻ. اوياريون لهواريون ڳالهيون ڪرڻ.

ٽالو؛ ذ. گهر يا ڇني وغيره جي ڪاٺين سان ڪچي اڏاوت. بيل گاڏي جو ڪوڪو. ٽانگي جو حوض وارو حصو. (ص) ٺلهو- سکڻو. پورو.

ٽالو ٽڳائڻ؛ جهڳو ناس ڪرڻ. ٺهيل ڪم ٽڳائڻ. اصل صورت بگاڙڻ.

ٽاپَ؛ ث. تاس جي پتن کي ٽاپي.

ٽاپُرَ؛ ث. ماٺ- سانت. ڇرپر ۾ روڪ. لهرين يا برسات ۾ جهڪاءُ. قرار- سڪون (سُوريا بيماري ۾). امن امان.

ٽاپَڻُ، ٽاپِڻُ؛ م. ٽيپي سنئون ڪرڻ. ٽپڻ- ٽيڪڻ. تاس جي پتن کي ٽيپي ملائڻ- ٽاپي ڏيڻ.

ٽاپي؛ ث. ٽيڪي. پتن کي ملائي هيٺ مٿي ڪرڻ.

ٽارُ؛ ذ. ٿڌ- سيءُ. وِلهہ. ٿڌڪار (هوا ۾). طراوت.

ٽارَڻُ، ٽارِڻُ؛ م. ٿڌو ڪرڻ. پاڻي ڏيڻ (زمين کي). ڀُسائڻ (ڇُڻ). وِسائڻ- اُجهائڻ (باهہ، بتي، ڏيو). ريجهائڻ (ڪاوڙيل کي). فرحت ڏيڻ.

ٽاري ڪاٽڻ؛ سوچي سمجهي قدم کڻڻ.

ٽاشا ماشا؛ ذ. کِل يوگ- ڇرچو گهٻو.

ٽاڪُرُ؛ ذ. ديوتا. راجا. گُرو ۽ زميندار لاءِ عزت وارو لقب.

ٽالِهجَڻُ؛ م. ٺري پوڻ (ٿڌ ۾). ٿڌ ۾ سُڪي پوڻ (جسم).

ٽالهو؛ ذ. چوپاين جو ڏڻ. ماڻهن جو ٽولو. ڪُڪڙ (پير ٻڌي لٽ ۾ وجهي لڙڪائي ڪنيل).

ٽالهي ٻَڌا؛ ظ. تمام گهٽا (رپيا).

ٽامُ؛ ذ. جاءِ- هنڌ- ٽڪاڻو. چُپ. آرام. صبر.

ٽام ٽِڪاڻو؛ ذ. گهر گهاٽ. ماڳ مڪان. پار پتو.

ٽانٽو؛ ذ. پورو ٿانءُ- ڀانڊو. (ص) ٺلهو- خالي (ٿانءُ وغيره).

ٽاڻُ؛ ذ. ٽڪاڻو- ماڳ. گهوڙن جو ڪُڙهہ. قرار.

ٽاهُ؛ ذ. ڳانڍاپو- ميلاپ. پرچاءُ. صلح. سلوڪ. ٻَڌي. صلاح- رٿ.

ٽاهَ ٽوهَ، ٽاهَ جوڙ؛ ث. بندوبست. انتظام. جوڙجڪ. اڏاوت. چنبڙوڪ. آرائش- سينگار.

ٽاهَپَ؛ ث. اڏاوت- بناوت.

ٽاهِڻُ؛ مَ. بنائڻ- جوڙڻ. تيار ڪرڻ. اڏڻ (جاءِ وغيره)- تعمير ڪرڻ. ايجاد ڪرڻ. گهَڙڻ (بهانو). سڌارڻ- درست ڪرڻ. متفق ڪرڻ. رڌڻ (طعام).

ٽاهُوڪو؛ ص. جڳائتو- لائق. سهڻي بناوت وارو. ملوڪ- حسين. وڻندڙ. (ث. ٽاهُوڪي).

ٽَٽِ، ٽَٽِي؛ ث. ٿاٽ يا درياءَ جي ڪپ وارو ڳوٺڙو (جتي ميهءَ جي مياڻ ۽ پتڻ هجي).

ٽَٽُ؛ ذ. ماڻهن جو ميڙ- انبوهہ. دبدٻو- ڌام ڌوم. آرائش- سينگار.

ٽَٽُ ٽانگرُ؛ ذ. مان شان. رعب تاب. ڏيک ويک.

ٽِٽِ؛ ث. ٺٺول- مسخري.

ٽِٽِ مسخري؛ ث. ٺٺول بازي. ڇرچو گهٻو. کل مسخري.

ٽَٽِري، ٽِٽري؛ ث. ٺٺول بازي. کل يوگ.

ٽُٽُ مُٽُ؛ ص. چُپ- خاموش. موڳو- واٺڙو. جنهن ماڻهو مان ڪنهن لاڀ يا وسيلي جي اُميد نہ هجي.

ٽَٽو؛ ذ. ٺٺول.

ٽٽولِ، ٽٽولِي؛ ث. چٽر- ٽوڪ- طنز. عيب جوئي. کل مسخري. ڇرچو گهٻو.

ٽُيو؛ ذ. هٿن پيرن جي آڱرين مان پاسي واري ننڍي ٿلهي آڱر- آڱوٺو.

ٽيو ڏيڪارڻ: ڪجهہ بہ نہ ڏيڻ. انڪار ڪرڻ.

ٽَپُ: ذ. گهاءُ- زخم. ٽَند (گجهارت جو).

ٽَپَّ لڙڻ: ٽٽ ڀڄڻ. گهاءُ ميٽجڻ. دل لڙڻ.

ٽُپُ، ٽِپُ: ظ. ٻنهہ- بلڪل. اُماڪ- جهٽ پٽ.

ٽَپائڻُ: مر. مڏي اوزار (ڪوڏر، رنبي وغيره) کي لوهار کان ٽپائي تکو ڪرائڻ.

ٽَپَرَڻُ: مر. ٻُنيءَ تي آهستگي سان هٿ هڻڻ (شاباس ڏيڻ يا هُشي ڏيڻ لاءِ). ٽپڻ- ٻار کي سمهارڻ لاءِ ٻُنيءَ تي ٽپ ٽپ ڪرڻ.

ٽَپَڻُ، ٽِپڻُ: مر. ڏاتوءَ کي مترڪي سان ڏڪ هڻي سڌو ڪرڻ ۽ وڌائڻ. مِٽي يا ڀنجهو کي ڪوڏر سان ٽپي وهارڻ- سندرڻ. مٽيءَ مان ٺهيل ٿانءَ کي ٽپٽيءَ سان ڪٽي لسو ڪرڻ. ٽپو هڻڻ. بند ڪرڻ (ڪتاب). ٽاس جي پتن کي ٿاپي ڏيڻ. ٽپرڻ (ٻُني).

ٽَپٽي: ث. ڪنيارڪي ڪم جي پٽي (ٿانون کي گهڙڻ لاءِ)- ٿرمي.

ٽَپو: ذ. ڏاتو ، ڪاٺ يا رٻڙ تي اُڀريل اکرن يا نشانن وارو ڇاپو- مُهر. پورُ. ڇٽُ. نشان. اُن جي راهہ ٽپڻ لاءِ ڪاٺ جي مُهر.

ٽپو هڻڻ: مُهر هڻڻ. تورو ڪرڻ. وڙ ڪرڻ.

ٽَرَڻُ: مر. ٿڌو ٿيڻ (پاڻي وغيره). سرد ٿيڻ (موسم، هوا). ڀڄڻ (رات). جهڪو ٿيڻ (جوش، جهيڙو). بيجان ٿيڻ (بُت). خوش ٿيڻ (دل).

ٽِڙ ٽِڙ: ث. ٽڪ ٽڪ. ٿانون وغيره ٺهڪڻ جو آواز.

ٽُڙڪائڻُ: مر. ڪڙڪائڻ (دروازو).

ٽُڙڪائُو: ظ. جهڙو تهڙو- رواجي. هالُو چالُو.

ٽِڙڪَ ٽَڳي: ث. اٽڪل سٽڪل، حرفت بازي.

ٽَڙڪَڻُ: مر. ڪن شين جي لڳيتي ٽڪرجڻ جو آواز ٿيڻ.

ٽَڙڪو: ذ. شين ٽڪرجڻ جو آواز. هلڪو ٺڪاءُ.

ٽَڙڪو ٽُڙڪو: ذ. ڪُڙڪو ٺهڪو- گوڙشور. دڙڪو دهمان.

ٽُڙڪُو: ظ. جهڙو تهڙو- رواجي- عام. خسيس- ٿوري ملهہ وارو.

ٽِڙهہ: ذ. ڳڙ جو ڪِنو تيل پاڻي (جيڪو شراب ٺاهڻ ۾ ڪم اچي).

ٽَسَڻُ: مر. زور سان وجهڻ. ڏٽڻ. زور ڏيئي ڀرڻ (بجڪو، ڳوڻ وغيره).

ٽَڪِ: ظ. يڪدم موجود. ٺهہ پهہ اُتي جو اُتي. پوري هنڌ تي.

ٽُڪَ: ث. لاڳ- ٻنڌاڻ. هميشه جي عادت- هير. روزانو دستور.

ٽُڪَ ٻڌڻ: هميشه لاءِ مقرر ڪرڻ (عادت، ڏن وغيره). ڪوبہ عمل لازمي ڪري ڇڏڻ.

ٽَڪا ٽُوڪي: ث. ٽڪائن جو لاڳيتو آواز. بندوقن جا ٺير.

ٽَڪاڻ: ث. لوهي نالي جنهن ۾ بارود وجهي ٺڪاءُ ڪڍجي (پوک مان پکين هڪلڻ لاءِ). چوپائي مال جي هڪ بيماري.

ٽِڪاڻو: ذ. گهر جي جاءِ. آستان. مقرر ماڳ.

ٽِڪاڻي لڳڻ: منزل تي رسڻ. هٽيڪو ٿيڻ.

ٽڪاءُ: ذ. ڪنهن شي ڀڄڻ جو آواز. ڳري جسم ڪِرڻ جو آواز- ڌڪاءُ. وڏو آواز (بندوق، بم وغيره جو). ڪوڙي ڳالهہ. ٻٽاڪ.

ٽڪ ٽڪِ: ث. ٽڪائن جو لاڳيتو آواز.

ٽَڪُرُ: ذ (سن) جل ديوتا جي پوڄارين جو باٻو. سردار. ٺاڪُر.

ٽِڪَرُ: ذ. مٽيءَ جو ڀڪل ٿانءُ. ٺڪر جي ڀڳل ٿانءَ جو

ٺڪر، ٿانءُ. (ص) سُڪل- لوٺ.

لِڪَرُ پَئجَڻُ؛ بهتان لڳڻ- الزام مڙهجڻ.

لِڪَر لوڀَڙُ؛ ذ. ٿانءَ ٿپو- سامان سڙو.

لِڪرالو، لِڪرالو؛ ذ. لِڪرن جا ڀڳل ٽڪرا- ٺڪريون. ڪنهن قديم بستيءَ وارو ماڳ جتي ٺڪريون گهڻيون پکڙيل هجن.

لِڪِري؛ ث. ٺڪر جي ٿانءَ جو ڀڳل ٺڪر.

لَڳُ؛ ذ. ٺڳي ڪندڙ- دولابي- فريبي.

لِڳَ؛ ث. سيٺ- آڪڙ. مغروري. وڏائي.

لڳارَڻُ؛ مر. ٺڳڻ. ڌتارڻ. ٺاڏرائڻ (ٻارَ کي).

لَڳِڻُ؛ مر. ٺڳي ڪرڻ. چالاڪيءَ سان ڦرڻ. ٺاڏرائڻ. دغا ڪرڻ.

لَڳِي؛ ث. دغا- فريب- دوکو. دلبو. ڪپَٽ (وهنوار ۾).

لُلُ، لُلهه؛ ذ (ف. ٽُل) منارو. بُرج (قلعي جو). قلعي جي اندر يا مکيه دروازي تي چوڪيءَ لاءِ ٺهيل منارو.

لَلهِه؛ ث. سکڻائي. ساريال پوک ۾ خالي سنگَ. گَڏ رکيل گهٽا دِلا.

لَلهو؛ ص. خالي- سکڻو- پالهو. ڪٽل- سجو. هٿين خالي. (ظ) هرويرو- خواهه مخواهه (ث. لَلهِي).

لَلها لِڪَرَ؛ ذ. سُچائي - پينگ.

لُمرِي؛ ث. ڳائڻ جو هڪ انداز.

لُمريون ٻُڌائڻ؛ سِڌيون ٻڌائڻ. ڪُٽا جواب ڏيڻ. ڪوڙ هڻڻ. ٺڳڻ لاءِ ٻٽاڪون هڻڻ.

لُمڙيو؛ ذ. ٺامي جو پٽسو. ڏوڪڙ (جيڪو فقير ٺُنگ ڪري ڳچيءَ ۾ ٻڌن).

لَنبِجَڻُ، لِنبِجَڻُ؛ مر. تـڌ جي اثر ۾ سُڪـي وڃڻ (جسم).

لِنبِي؛ ث. مات- چُپ. چپ هٿي لِکي ويهڻ جي حالت- چُڪَ.

لُنڊُ؛ ص. تمام جهونو ۽ سڪل (وڻ).

لَنڊائِي؛ ث. ٺڏاڻ (پاليٺ). ٺاڏل. ڪابه گهوٽيل شيءِ جنهن جي پيڻ سان جسم ۾ ٺڏاڻ محسوس ٿئي.

لَنگورِجَڻُ؛ مر. لونگن سان سِيرجَڻُ (آنا).

لوڀَڙُ؛ ذ. لِڪر جو پرالو ٿانءُ. ڀڳل ٿانءُ.

لوٺِ، لوٺُ؛ ص. سُڪل- خشڪ. سُڪِي سخت ٿيل.

لوڻا؛ ذ. ڪانا (گاهه جا). مال جا چباڙيل ڪانا. اولڙ گاهه. سُڪل ڪانا. مانيءَ جا سڪل ٺڪرَ.

لوڻا چبائڻ؛ سيکت ڏيڻ. دربدر ڪرڻ.

لولو؛ ذ. ڪانو. سڪل ڪانو (گاهه جو). سڪل ڪانيءَ جو ٽوٽو.

لورُ؛ ذ. هنڌ- ماڳ.

لورُ لِڪالو؛ ذ. نام نڪانو. گهرگهاٽ.

لورِي؛ ذ. شڪاري قوم.

لوڙِهه؛ ث. ڪوڙيل مٿو- گنج- روڏ. مٿو- سِرُ (ماڻهوءَ جو).

لوڙهه ڪُٽڻ؛ سزا ڏيڻ. ڇُٽ ڪرڻ.

لوڙهو؛ ص. گنجو- روڏو (ث. لوڙهي).

لوڙهِي؛ ث. ڪٽڪ جو هڪ قسم. سِڱن کان سواءِ (مينهن، ڍڳي، وغيره) - موڏِي.

لوڙهيون ملڻ؛ جواب ملڻ (قرض کان). ٺلها دلاسا ملڻ.

لوڪَ؛ ث. زور سان ڌڪ (مترڪي وغيره سان). ڌڪ- ضرب. دٻاءُ. سيکت.

لوڪَرَ؛ ث. ڌڪ- چوٽ. ٺاٻو.

لوڪرون کائڻ؛ ڌڪا کائڻ- ٺابا کائڻ. دربدر ٿيڻ.

لوڪَڻُ، لوڪِڻُ؛ مر. ڌڪ هٿي اندر وجهڻ (ڪِلي،

ڪوڪو وغيره). ڪوڙڻ (زمين يا پٽ ۾). سَلَ ۾ وهارڻ (ڪاٺي). ڏڪ هڻڻ (موچڙي، لڪڻ وغيره جو). چِٽِهُ، ڏيڻ (مُنهن تي)- ٿهڪائڻ.

نوڙرو، ذ. چنل يا پراڻو پادر- ڳلتڙُ.

نوڙي، ص. نڳيندڙ- نڳ. دولابي.

ٺُولهو، ذ. نڪر جو ٺانءُ. جمن. خيرات وٺڻ لاءِ ٺانءُ. (ث. ٺولهي).

ٺُولهو ٺِڪرُ، ذ. ٺانءُ ٺپو- نڪر.ٺوبر. سامان سڙو (گهر جو).

ٺُونٺِ، ث. ڏڏنري ۽ ٻڪيءَ جي وچ وارو سَنڌُ- اِرڪَ.

ٺُونٺيون لوڪڻ، اجائي ڪوشش ڪرڻ. اجايو هيڏانهن هوڏانهن هلڻ.

ٺُونٺو، ص. هٿ وڍيل ۽ سُڪي ويل. ٺونٺ وٽان ٻانهن وڍيل يا سُڪي ويل. پيدائشي ٻنان هٿن ۽ ٻانهن جي (ماڻهو). (ث. ٺونٺي).

ٺُونشو، ذ. بند ٿيل مُڪَ جو سڌو ڌڪ. هلڪو ڌڪ- ٺورو ٺيلهو.

ٺُونگارَڻُ، مر. ٺونگا هڻڻ. ٺونگا هڻي خراب ڪرڻ. چڳڻ.

ٺُونگِڙو، ذ. زالن جي اصطلاح ۾ مٽي مان جُڀِهِ ڪڍائڻ جو عمل.

ٺُونگڻُ، مر. ٺونگا هڻڻ. ٺونگا هڻي خراب ڪرڻ (ميوو). ٺونگا هڻي پيچڻ (اَنا). چهنب سان کائڻ- چڳڻ.

ٺُونگو، ذ. پکيءَ جو چهنب سان هنيل ڌڪ. آڱر ۽ آڱوٺي جي ٺُهَنِ سان هلڪو ڌڪ.

ٺَهه ٺپ، ظ. ٺهه پهه.

ٺَهه پَهه، ظ. جهٽ پٽ- فورا. اُتي جو اُتي.

ٺَهِر، ث. قرار- ٺِڪاءُ. ڌيرج- تحمل. آهستگي. صبر- سانت.

ٺهرائِي، ث. ٺهرائڻ جي اُجرت. جوڙائي. گهڙائي (ڳهڻ جي). سِبائي (ڪپڙن جي).

ٺهراءُ، ذ. ٺيهڪ. تجويز- رٿ. قصد- ارادو. صلح- پرچاءُ. رٿ- قرارداد.

ٺهرائِڻُ، مر. جوڙائڻ- تيار ڪرائڻ. اڏائڻ (جاءِ). گهَڙائڻ (ڳهه). سِبائڻ (ڪپڙا).

ٺهرَڻُ، مر. بيهڻ. ترسڻ. صبر ڪرڻ. ساهي کڻڻ. ماٺ ڪرڻ. ماٺار ٿيڻ (پاڻي).

ٺهڪَڻِ، ث. نار يا مُرلي جي هڪ ڪاٺي (جيڪا ڏينگي ڪي اُبتي ڦِرڻ کان روڪي).

ٺهڪَڻُ، مر. ٺڪرڻ- لڳڻ (ڪي شيون پاڻ ۾). آواز سان ٺڪرجڻ. پچڻ- ڦٻڻ (ڪاٺي وغيره سَل يا چُوڙِ ۾). هڪ جهڙائي ۾ پيٺ ڪائڻ (شيون)- پيچ ڪائڻ.

ٺهندو، ظ. جڳائيندو- موزون. وڻندڙ. شانائتو.

ٺهندِي، ث. رِهائينديِ (شرع موجب). (ث) ٺاهه. ٺهيل ڪم. موزون عمل.

ٺهَڻُ، مر. جُڙڻ- بنجَڻ. وجود ۾ اچڻ. بنياد کان تيار ٿيڻ (جاءِ). اڏجڻ. قائم ٿيڻ (جماعت، ادارو). مڪمل ٿيڻ- راس ٿيڻ. درست ٿيڻ. موزون لڳڻ- سُهائڻ. ڪُپ ٿيڻ. جڳائڻ. سيبائڻ- وڻڻ (دل کي). سُونهڻ (ڪپڙو، ڳهه). صحت مند ٿيڻ.

ٺهيل ٺُڪيل، ٺهيل جڙيل، ص. تيار- مڪمل. هار سينگار ڪيل. بنا محنت جي مليل. (ظ) هَڪِي تَڪِي- موجود.

ٺهو، ذ. ڪاٺيءَ ۾ ڪوڏر جي چٺن پنجن لپن جيتري ڪڍيل مٽي.

ٺِيڪُ، ص. صحيح- درست- برابر. بجا- موزون. جوڳو- سُهائيندو. ڪُپ- پُورو ٺهڪيل.

ٽيڪري: ص. ٽڪر جا ٿانوَ وڪڻندڙ (ذ) هڪ ذات جو نالو.
ٽيڪو: ذ. پڪواز، ڍڪڻ وغيره جي تار ۾ گت جي پَڪائي جو انگ.
ٽيڪو: ذ. ٺوليَ جو ڪم. مقاطعو- ٺوليَ. اِجارو.
ٽيڪو ڪڻڻ: ٺولي ڪڻڻ (ڪو ڪم مقرر اجرت ۽ مقرر وقت ۾ پوري ڪرڻ جي شرط سان). ذميداري ڪڻڻ.
ٽيڪيدارُ: ص. ٺوليَ جو ڪم ڪندڙ. مقاطعدار. اِجاريدار.
ٽيلهَڻُ: م. ٽيلهو ڏيڻ. ڌِڪڻ. ڌِڪي اڳتي ڪرڻ. هٽائڻ. پري ڪرڻ. سيرَڻ- ريڙهڻ. لوڏڻ.
ٽيلهو: ذ. ٽيلهو- دَڪو. هٿ گاڏو. ريل جي پٽي تي هلندڙ ننڍڙو گاڏو (جيڪو ۾ مزور هٿن سان ڌڪي هلائين).
ٽينڊو: ذ. ڪنهن ٽانءَ جي سوراخ مان وهندڙ پاڻيءَ جي لارَ. پکل ٽانءَ جو سوراخ.

ٽينڊي: ٿ. ٽانءَ مان وهندڙ پاڻيٺ يا جسم مان وهندڙ رت جي ڌارَ- لارَ. ٽانءَ ۾ سنهون سوراخ.
ٽينگُ: ذ. ٽپ- پڏ. خوشي يا ناچ جو چالُ.
ٽينگَ ڏيڻ: نچڻ ٽپڻ (خوشيءَ مان). خوشيون ڪرڻ.
ٽينگُو: ص. ٽينگ ڏيندر. هڪ هنڌ سِڪ ڪري نه وهندڙ. حرڪتي.
ٽينگمَڙدي: ٿ. اجائي آڪڙ- اجائي وڏائي. ٽلهو ضد. (طنز) بهادري- پهلواني. ڏاڍ مڙسي.
ٽيهو: ذ. مٽيءَ جي ڍِڳي. دنگ جو نشان. رازڪي ڪم جي اصطلاح ۾ فرش يا ڇت جي راڳي وقت سنوت وٺڻ لاءِ مٽيءَ وغيره جي ڍِڳي (اهڙيون وچ توڙي پاسن کان گهڻيون ڌريون ٺاهي پوءِ راڳو ڪن). وجهه- موقعو. آستان- ٺڪاڻو.
ٽيهو ٺاهڻ: آستان ٺاهڻُ- ٺڪاڻو ٺاهڻ. وسيلو ٺاهڻ. رهڻ يا روزگار جو ٻلو ڪرڻ.

ٿ

ٿ: ذ (ع) اچار "ٿي". عربي الف- بي جو چوٿون، فارسي 'الف- بي' جو پنجون ۽ سنڌي 'الف- بي' جو ٺاٺون اکر. ابجد موجب عدد (٥٠٠).
ٿابِتُ: ص (ع) بيٺل- قائم- برقرار. محڪم- مضبوط. پائدار. تصديق ٿيل. درست. سچو- مڪمل. صحيح- سلامت.
ٿابت قدم: ص. مضبوط ارادي وارو. ارادي جو پڪو.
ٿابت ڪرڻ: ثبوت ڏيڻ. دليل سان ظاهر ڪرڻ.

ٿابتي: ٿ. تصديق. شاهديءَ طور اهڃاڻ. پڪي نشاني (الزام ۽ دليل جي).
ٿابُوت: ص. مضبوط.
ٿاقِبُ: ص (ع) چمڪندڙ- روشن (تارو). مشهور.
ٿالِثُ: ص (ع) ٽيو. ٽياڪُر. امين.
ٿالِثي: ٿ. امين جي مقرري. ٻن ڌرين جي وچ ۾ فيصلي جي امانت.
ٿانَوِي: ص (ع) ٻيو نمبر. ٻئي درجي وارو.
ٿانَوِي تعليمَ: ٿ. اعليٰ تعليم کان گهٽ درجي

واري تعليم. موجوده تعليمي نظام ۾ هاءِ اسڪول جي تعليم.

ثانِيہَ: ذ (ع) سيڪنڊ. ننڍو- ڪِن پل.

ثَباتُ: ذ (ع) قيام- بيهڪ. مضبوطي- پڪائي. پائداري.

ثُبوتُ: ذ (ثابت جو جمع) هميشگي- دوام. مضبوطي- پائداري. شاهدي- گواهي. ثابتي. سچائي جو اهڃاڻ.

ثَروَت: ث (ع) دولت جي گهڻائي- تونگري. اميري.

ثَريٰ: ث (ع) زمين. زمين جي هيٺين تهہ واري مٽي.

ثِقہ: ص (ع) اعتبار جوڳو- معتبر.

ثَقِيلُ: ص (ع) ڳرو- وزني- باري. دير هضم (کاڌو).

ثَمَرَ: ظ (ع) پوءِ- وري. تڏهن.

ثَمَرُ: ذ (ع) ڦل- ميوو. اُپت. فائدو. حاصلات.

ثَنا: ث (ع) تعريف- ساراهہ واکاڻ. صفت.

ثناخوان، ثناگر: ص. ساراهہ ڪندڙ.

ثوابُ: ذ (ع) بدلو- عيوض. چڱي ڪم جو اجورو. خير جو ڪم. نيڪي. الله پاڪ وٽان ملندڙ چڱي ڪم جو اجر.

ثواب ڪَٽڻ: نيڪ ڪم ڪرڻ. چڱي ڪم ڪرڻ سان اجر حاصل ڪرڻ.

ثورُ: ذ (ع) ڍڳو- ڏاند. آسماني بُرجن مان ٻيو نمبر بُرج.

پ

پ: ث. سنڌي الف- بي جو ڏهون اکر ۽ فارسي الف- بي جو ٽيون اکر. ابجد موجب عدد (٢).

پا: ذ (ف) پير.

پابجولان: ظ. پيرڪڙين سان ٻڌل- گرفتار.

پاپياده: ظ. پيرين پنڌ- پيادل.

پابوسي: ث (ف) پير چمڻ. پيرين پوڻ.

پابَند: ص (ف) پيرن ٻڌل. قيد. ٻڌل (ٻولَ ۾).

پابَندِي: ث. ٻڌل رهڻ. اطاعت. روڪ- منع.

پابوڙو: ذ. ’پپڻ‘ ول جو وڏو پن، پپڻ جو ڦُرُ. اک جو انب.

پابوہَ: ث. مُرڪ. سِڪ- اُڪير.

پابوهِڻُ: م. مُرڪڻ- مشڪڻ. خوشي ۽ پيار سان پيش اچڻ.

پاتارُ، پاتالُ: ذ (سن. پاتال) زمين جو بلڪل هيٺيون تهہ. اونهي پاڻي يا سمنڊ جو تَرُ. بيحد درجي جي اونهائي.

پاتاريو: ص. پاتار وارو- تمام اونهون (پاڻي). (ذ) تَر جو اُهو کوهہ جنهن جو تڙ جَر سان مليل هجي- اجهاڳ پاڻي وارو کوهہ. (ضد. ريجاٺون).

پاتِشاهُ: ذ (ف) بادشاه.

پاتشاهي: ث. بادشاهي. حڪومت.

پاٽلَ: ث. وڻ جا ٻہ ٽي پن ڳنڍي ٺاهيل پڙيِ (جنهن تي هندو کاڌو رکي کائين.)

پاٽِڻي: ص. پَٽڻ وارو. پٽڻ اُکاريندڙ ٻيڙياتو.

پاٿارِي: ث. ويهڻ يا سمهڻ جيتري سَنڌريل نهيل زمين. ويهڻ يا سمهڻ جو هنڌ (جنهن‌تي هنڌ بسترو وڇايل هجي). وڇايل بسترو- پکڙيل هنڌ. فقيرن جي ويهڻ جو ماڳ. آستانو. چوريءَ جو مال لڪائڻ وارو ماڳ. وٽن

چورن يا چورن کي پناهہ ڏيندڙن ۽ چوريءَ جي مال وٺندڙن جو ماڳ.

پاٽاريدارُ: ص. چوريءَ جو مال وٺندڙ ۽ وڪڻندڙ. چورن کي پناه ڏيندڙ. پُنگ وٺي چوريءَ جو مال موٽائيندڙ.

پاٽولي: ث. پَلٽي يا پَٽِلي.

پاٽ، پاٽِ: ث. ٺِڪر جي وڏي ٿالهي.

پاٽو: ص. پَٽيندڙ. پَٽ سَٽ ڪندڙ. ڏٺا ڏيٺي شيء هٽ ڪندڙ.

پاٽوڙو: ذ. ٺِڪر يا ڪاٺ جي ننڍي پاٽ- طباخُ.

پاٽولي: ص. پَٽُ (ريشم) جو ڪم ڪندڙ (پَٽُ وڪڻڻ، رڱڻ ۽ اوبڻ جو ڪم ڪندڙ).

پاٽوندَڙُ: ص. ونڊيندڙ- ورهائيندڙ. سخي.

پاٽي: ث. ڪاٺ جو ٺهيل اَن مَپڻ جو هڪ ماڻ (انداز هڪ سير ان جو ماپو).

پاٽيو: ذ. تختو- ڦرهو.

پاٺُ: ذ (سن) پڙهائي- سکيا. سبق. ڌرمي ڪتاب جو دور. (ص) ڳائيندڙ. ڳائي دانُ وٺندڙ. منگتو.

پاٺُ پوڄا: ث. ڌرمي رسمن جي ادائگي.

پاٺشالا: ث. وديالي- اسڪول.

پاڙڻُ: م. ڌوئڻ- ڌوئي صاف ڪرڻ.

پالو: ذ. جلد بندي ۾ ڪم ايندڙ دفتري. (ص) خشڪ- ٺوٺ. سکهارو (بدن ۾)- جاڏو.

پاپُ: ذ (سن) گناه- ڏوهہ. دين ڌرم جي خلاف عمل. ظلم.

پاپي: ص. گنهگار- ڏوهي. هچارو- بي قياس.

پاپڙو: ذ. ڏاکڙو. جاکوڙ. ڏکيو ۽ تڪليف وارو ڪم.

پاپڙا پِٽڻُ: جفاڪشي ڪرڻ. ڏاکڙا ڏسڻ. مصيبتون سهڻ.

پاپڙُ: ذ. مگن يا ماهہ جي اٽي مان ٺهيل سنهي چپاتي (جيڪا ٽانڊن تي سيڪي کائجي).

پاپڙي: ث. 'ڪڻ' جي هيٺ لڙڪندڙ چمڙي. ٻيسڻ مان ٺهيل ۽ تيل ۾ تريل ٽڪري.

پاپلِيَن: ث (انگ) ڪپڙي جو هڪ قسم.

پاپوشِ: ث (ف) جُتي- پيزار.

پاجامو: ذ (ف. پاءِ جامہ) هيٺئين ڌڙ کي ڍڪڻ لاءِ هڪ لباس.

پاجي، پاڄي: ص (ف) نيچ- ذليل. نالائق. بيوقوف.

پاڄارِي: ث. پانجارِي.

پاڄڙو: ذ. مَلو. ڦٽن ڦُرڙين جي بيماري.

پاڇاٽو: ص. پويون- پڇاڙيءَ وارو. دير سان پڇي تيار ٿيل (فصل، ميوو). مند کان پوءِ پوکيل (فصل). مُند کان پوءِ وارو (مِينهن).

پاڇاندو: ذ. پڇاڙي. نتيجو. ٻُڻ- پِيڙهي.

پاڇاهُ: ذ. پاتشاهہ- بادشاه.

پاڇاهي: ث. بادشاهي. حڪومت.

پاڇو: ذ. پاڇولو. ڇانولو (وڻ، جاءِ وغيره جو). ڍڪ- پناه. اثر (جِن ڀُوت جو).

پاڇُولو: ذ. پاڇو.

پاڇويو: ذ. پاڇو. اولڙو. پاڄهہ- مِهر.

پاڇي: ث. بچت- باقي رهت. مُوڙي. بچت وارو انگ.

پاڇي ڪرڻ: آئنده لاءِ ڪجهہ بچائي رکڻ (مال، مُوڙي).

پاڇيلَ: ث. ٻيڙيءَ جو پويون حصو (ضد. آڳيل).

پاخانو: ذ (ف) پُٽي. پُنواڙو. ڪاڪوسُ

پاخانو ڪرڻ: هنگڻ- ڪاڪُوس ڪرڻ.

پاداشِ: ث (ف) جَزا- اَجُر- بدلو. سزا.

پاڌرُ: ذ. جُتيءَ جو هڪڙو پير. موچڙو- ڳِلو.

پاڌري: ذ. عيسائين ۾ مذهبي اڳواڻ.

پاڏارَڻُ: م. پٽرو ٿيڻ. روانو ٿيڻ.

پاڏو: ذ. ميٺهن جو ٿرُ- ڪُونهون (ص) متارو. جانٺو.

پاڙَڻُ، پاڙِڻُ: م. چوڻائي کي تنگ ۾ ڊگهو رسو ٻڌي ٻنيءَ ۾ ٻڌي ڇڏڻ (جئن جانور ڳچ حصي ۾ چري سگهي). ڇيڪ ڇڏڻ.

پارَ: ذ. احوال- وصفون. ڳڻ (فوتيءَ جا). فوتيءَ جون وصفون بيان ڪري روئڻ. اوسارا- پٽڻا.

پارَ ڪڍڻ: فوتيءَ جون وصفون بيان ڪري روئڻ- اوسارڻ.

پارِ: ث. ڪَسِي. نهر.

پارُ: ذ. ٻيءَ پَر (درياء وغيره جي). پَراڙ. پاسو- طرف. نشان- احوال. ليڪُ- عادت. تانگهو کوهه (جنهن ۾ سيمي جو پاڻي هجي). پار (کوهه) تي ٻڌل ڳوٺ (کوکرو پار).

پار پوڻ: لنگهڻ (ڏکئي ڪم يا بيماريءَ مان). ڪامياب ٿيڻ.

پارُ سڃاڻڻ: لحاظ ڪرڻ. تعلق يا واسطيداريءَ جو خيال رکي مروت ڪرڻ.

پاراتو: ذ. بددعا- پِٽڻو. پِٽَ- سراپ.

پاران: ظ. پرينءَ پَر کان. طرفان. ٻدران.

پارانيو: ذ. پيغام- سنيهو- نياپو.

پارائڻُ: م. پهرائڻ (وڳو)- ڍڪائڻ (ٽوپي، پڳ، جُتي وغيره). ڪُهائڻ (پهرو).

پارائي: ث. لوهه جي ٿُلهي لٺ (ڳرين شين چورڻ، ريڙهڻ يا مٿي کڻڻ لاءِ)- بيرم. ڏري کوٽڻ لاءِ ڊگهي رَنبي.

پارَتَ: ث. سفارش. خاص تاڪيد.

پارٽي: ث (انگ) جماعت. گروه. گهڻن ميمبرن جي گڏيل دعوت.

پارپتو: ذ. احوال. اوصاف. سَرنامو. نام نڪاڻو.

پارچو: ذ (ف. پارچہ) ٽُڪرو (ڪپڙي جو). وڏي اڳڙي- ڪپڙو. ريشمي ڪپڙي جو ٿانُ.

پارڙو: ذ. اڇو شيلاني موتي (اندر ميڻ پريل، خاص ڪري نٿ ٻولي ۾ وجهجي). ٽِڪر جو ننڍڙو ڪُنو.

پارَسُ: ذ. هڪ خيالي پٿر (جيڪو ڏندڪٿائن موجب لوهه سان لڳي ته لوهه سونُ ٿي پوي). (ص) ڪيميا وارو- مَٽيا وارو. فيض رسائيندڙ. ايران ملڪ جو قديم نالو- فارس.

پارسي: ث. ايران جي ٻولي- فارسي. (ص) آتش پرست- گبر.

پارسا: ص (ف) پرهيزگار- زاهد. پاڪدامن.

پارسائي: ث. پرهيزگاري. پاڪدامني.

پارسَلُ: ذ (انگ) ڪاغذ وغيره ۾ بند ٿيل ٻنڌل (جيڪو ٽپال يا ريل ذريعي موڪلجي).

پارڪُ: ذ (انگ) باغ. باغيچو.

پارڪر: ذ. سنڌ جو هڪ طبعي ڀاڱو (ضلعي ٿرپارڪر ۾).

پارِکُ: ذ. پارکو.

پارکو: ص. پرک ڪندڙ. کري کوٽي جو فرق معلوم ڪندڙ- پرکيندڙ. ڏاهو- آزمودگار.

پارليامينٽ: ث (انگ) قانون ساز اسيمبلي. چونڊيل قومي نمائندن جي جماعت.

پارَڻُ: م. پورو ڪرڻ (انجام، قول). عمل ڪرڻ. ادا ڪرڻ. نباهڻ. پالڻ.

پارو: ذ. سياري ۾ ٿڌ سبب جابل پاڻي (جيڪو برف ٿي وڃي). ڪِنگرُ- طَسُ. شيلاني موتي. قرآن شريف

جو ٿيهون حصو. ڌاتوءَ جو هڪ قسم- سيماب. (ظ) وانگر- جيان.

پارُوٽو: ص. گهڻي وقت جو رکيل ڪاڌو (جيڪو ٺري بي سواد ٿي وڃي) (ث. پاروٽي).

پارَه: ذ (ف) ٽڪرو. ڀاڱو- حصو. قرآن شريف جو هڪ جُز.

پارهيڙي: ذ. پکين جو شڪاري- ماري. پکي ڦاسائيندڙ.

پارِي: ث. ڪَسِي- آڏ. ڏکِي (ٽڪر جي). ڪُنِي (ڇِٽن واري). واندي- بيڪار.

پارِيسِي: ث. پاسي ٻولي. ڳجهارت.

پارِينَه: ص (ف) پراڻو- جهونو. قديم.

پارِيهَرُ، پارِيهَلُ: ذ. مشهور پکي- پاريلُ.

پاڙَ: ث. جڙ- بيخ. نباتات جو زمين اندر پکڙندڙ حصو. پيڙهہ- بنياد.

پاڙَ پَٽڻ: جڙ ڪڍڻ. برباد ڪرڻ.

پاڙُ: ذ. عيوض- بدلو. وير. اگهہ- ملهہ.

پاڙَ جهاڙَ: ث. لَٽ پَٽ- وهنوار (حساب ۾).

پاڙِهُ: ذ. نار يا هرليءَ جي لوٽن مان پاڻي ڪِرڻ واري نيسَرِ.

پاڙَڻُ: م. برابر ڪرڻ- مَٽ ڪرڻ. پيٽڻ. وهنوار ڪرڻ (ليکو). چُڪائڻ (وير). وڻڻ (بدلو). پورو ڪرڻ (انجام، قول). ادا ڪرڻ (قرض).

پاڙو: ذ. هڪڙي ئي نسل وارن جي وسندي. ساڳي ذات وارن جي گهرن جو ويڙهو. ڳوٺ. محلو.

پاڙو جهاڙو: ذ. گهرن جي تلاشي. پاڙي وارن تي اجتماعي سزا (ڏنڊ وغيره).

پاڙوسِي: ص. پاڙيسري.

پاڙيسِري: ص. پاڙي جو. پاڙي ۾ ويٺل- محلي وارو.

پاڙُهہ: پڙهڻ جو طريقو. پاڙيهڙو "سو پاڙهُ پِڙهي ڪو ٻنو جنان پرين لڌوم" (شاهہ ڪريم).

پاڙهَڻُ، پاڙِهڻُ: م. پڙهائڻ. تعليم ڏيڻ. درس ڏيڻ. سيکاري پڪو ڪرائڻ (شاهدي وغيره).

پاڙِهو: ص. پڙهندڙ (ٽيٽو، جهاڙ). جهاڙ رکندڙ.

پاڙهيٽو، پاڙهيٽرو: ص. جادو منتر پڙهندڙ. ٽوٽو ڪندڙ.

پاڙِي: ص (ف. پاجي) پيرن تي ڪِرندڙ. نيچ. ٻانهو- گولو. (ث. پازياڻي).

پازيبُ: ذ (ف) پيرن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهہ- ٽوڙهو- ساٽو.

پاس: ذ (ف) لحاظ- مروت- طرفداري.

پاسَ: ث (انگ) لنگهہ. (ص) ڪامياب (امتحان يا آزمايش ۾).

پاسارِي: (ظ) پَسارِي. (ث) پاسِري.

پاسِبانُ: ص (ف) نگهبان- محافظ.

پاسباني: ث. حفاظت. نگهباني.

پاسخاطِر، پاسخاطِرِي: ث (ف) حمايت. طرفداري. لحاظ.

پاسدارِي: ث (ف) طرفداري- حمايت.

پاسِرائِي: ث. ڍير جي پاسي واري هڏي- پاسري.

پاسِرِيَ: ث. پاسرائي.

پاسَنگُ: ذ (ف) ساهميءَ جي ڪاڻ لاهڻ لاءِ ٽَکي ۾ ٻڌل وزن. ساهميءَ جي هلڪي پُڙکي ۾ ٿي سان برابر ڪرڻ لاءِ وڌل پٿر وغيره. اُٿل ڪڍڻ لاءِ وزن. جواب.

پاسو: ذ. طرف- ڏِس. جسم جو هڪ حصو (ساڄو يا کابو)- پَهلو. ڪنارو- پَرِ.

پاسا آجا ڪرڻ: جند ڇڏائڻ. واندڪائي ڪرڻ. قرض ادا ڪري آزاد ٿيڻ.

پاسو ڪوڙڻ: ٿورو آرام ڪرڻ. ڍهي پوڻ. فوت ٿيڻ.
پاسي: ظ. طرف- ڏانهن. پري جدا- ڌار.
پاسي ۾ ڪرڻ: سخت ڏک ڪاٿڻ. وڏي نقصان هيٺ اچڻ.
پاسياري: ص. پاسي ۾ رکيل.
پاسيرو: ظ. هڪ طرف- هڪ پاسي. پَريرو. پاسي ۾. پاسي تي. آڏو- ترڇو. نظر کان لڪل. ٻچت ۾. (ث. پاسيري).
پاشا: ذ (ترڪي) تُرڪ قوم جو هڪ لقب. سردار- امير.
پاڪُ: ص (ف) صاف. اُجٺو. گندگيءَ کان صاف سٿرو. ڌوتل (ڪپڙو، ٿانءُ). اُجو (گناهن کان).
پاڪدامَنُ: ص. گناهن کان اُجو. باعصمت. معصوم.
پاڪيزَه: ص (ف) پاڪ- صاف.
پاڪستانُ: ذ (ف) ايشيا کنڊ جو هڪ وڏو مُلڪ "اسلامي جمهوريه پاڪستان".
پاڪي: ذ. وارن ڪوڙڻ جو اوزار. حجامڪي ڪم جو خاص اوزار.
پاڪيٽُ: ذ (انگ) کيسو- ٻٽُون. سگريٽن جي دَٻي. (ڊاٽڪي) پوڙهو اُٺ.
پاکَرَ: ث. سنهي لوهي زنجير مان ٺهيل پوشاڪ (جيڪا جنگ ۾ تلوار جي گهاءَ کان بچاءَ لاءِ پائجي)- زِرَهہ. مرشد کان مليل وڳو- خرقو. سروپاءِ- خلعت. پوش. پناه- امانَ.
پاکڙو: ذ. هڪ خاص قسم جو پيجرو (جيڪو اُٺ جي پُٺيءَ تي سواري لاءِ ڪم اچي).
پاکڙي: ث. بيڙي.
پاگندُ: ذ. مڪرُ- دولاب. ڪَپٽُ. دغا- دوهہ.
پاگو: ذ. سٿيءَ ۾ ڏاڳي وجهڻ وارو سوراخ.

پاڳي: ث. چدي- پَتڙي (لسي، جَهڻ).
پاڳ: ث. پڳَ.
پاڳارو: ذ. پڳ وارو. پڳ ڌڻي. وڏيرو. سردار- اڳواڻ.
پاڳلُ: ص. چريو- ديوانو. سودائي- خفقاني. نادان- مورک.
پاڳل خانو: ذ. چرين جي اسپتال.
پاڳو: ذ. پايو- پاٿو (کٽ، ميز وغيره جو).
پالُ: ذ. اُسَ يا مينهن کان بچاءَ لاءِ مٿان ٽنگيل ٿلهو ڳوڻ مثل ڪپڙو. ڳوڻ، رلي يا ٻيو ڪو ٿلهو ٽڪر (جيڪو دَرَ جي آڏو ٽنگجي يا چوپائي مال جي پُٺيءَ تي وجهجي). گاه ڪک پن (جنهن ۾ ميوو پچائڻ لاءِ رکجي).
پال وجهڻ: ڪچو ميوو پچائڻ لاءِ گاهہ وغيره ۾ وجهي رکڻ.
پالي: ص. پال ۾ پڪل- پالَ جو.
پالٽو: ذ. لوهہ جو هڪ قسم. پلٽيل ڌاتو (جو ڪچو ٿئي).
پالَرَ: ذ. وڻ جي پاسن واريون سنهيون ٽاريون.
پالِش: ث (انگ) اوجر. صفائي- ڪنهن شيءَ کي چمڪائڻ لاءِ ميڻ مليل روغن.
پالڪَ: ث. ڀاڄيءَ جو قسم- ساڳُ (ٻہ قسم: سنڌي ۽ ڪاڇڻ يا ولائتي).
پالڪي: ث. هاٿيءَ تي سواري ڪرڻ لاءِ ڇپر کٽ وانگر ڪاٺ جي اٺاوت- هودي.
پالنا: ث. پرورش. نپاج.
پالڻُ، پالڻُ: مَ. پالنا ڪرڻ- پرورش ڪرڻ. نپائڻ. ٿارڻ ۽ هيرائڻ (پکي، جانور).
پالڻهارُ: ص. هميشه لاءِ پاليندڙ ۽ روزي رسائيندڙ. خدا تعاليٰ.

پالوٽَ: ث. پاڻيءَ جي پلٽ. پاڻيءَ جي گهٽائي. اُٿل. بوڙ.

پالهو: ص. ٺلهو- خالي- سکڻو. (ث. پالهي)

پالهو ڪرڻ: ٺلهو ڪرڻ. سچو ڪرڻ. ٽُري پينگيو ڪرڻ.

پاليسي: ث (انگ) حڪمت عملي- تدبير. انتظام جو طريقو. ڪنهن بہ قسم جو شرطيہ ٺند.

پامال: ص (ف) لتاڙيل. تباهہ.

پامَردِي: ث (ف) همت. مستقل مزاجي. بهادري.

پانُ: ذ. "تَمبُول" ول جو پن (جيڪو چُن، ڪَٿو هٿي، سوپاريون ۽ خوشبوءِ وجهي وات صفائي لاءِ کائبجي). پانَ جو بيڙو. تاس جي پتن جو هڪ رنگ.

پانجاري: ث. پاڃاري.

پانچو: ذ (ف. پائچہ) سٿڻ وغيره جو پير ۾ پوڻ وارو سوراخ. ساريال پوک جي ٻاري جو نائڪو.

پاندُ: ذ. پَلوُ- پلاند. دامن- جهولي. ڇيهہ- انت. ڪنارو- حد.

پاندُ اَٽڪائِڻُ: پلئہ اٽڪائڻ. وهنوار رکڻ. مائٽي ڳنڍِڻ.

پاندا، پانڌا: ذ. ڍُڪائيءَ ۾ پيهاڙيءَ وارا گوُهَا.

پاندُڙَ: ذ. ڪمند. جوئر. ٻاجهري وغيره جي پوچڙ وارا پَنَ- پالَرَ.

پاندِي: ث. ڪپهہ جي پُولي مان نهيل سُٽَ جي ڍيري (جيڪا هڪڙيءَ ٽڪَ تي چڙهيل هجي). هڪڙي جي ٽر جا هڪڙي پاسي وارا ڌاڳا ۽ پيچڙ.

پاندي پُوري نہ ٿيڻ: خرچ جي پورت ٿي نہ ٿيڻ. آمدني مان خرچ جي پوراڻي نہ ٿيڻ.

پانڌِي: ص. پنڌ ويندڙ. واٽهڙو. مسافر. قاصد- نياپو آڻيندڙ. راهہَ جي پنڌ سان ملتان ويندڙ زيارتي. (ث. پانڌياڻي).

پانڌيڙو: ص. پانڌي.

پانڊَپُ: ذ. سردار- مهندار. سورهيہ.

پانڊِي: ص. ڪدڙن جو خدمتگار (جيڪو انهن سان گڏجي هلي ۽ ڍولڪ وڄائي).

پانڪَ: ث. گلن جي ڀرت واري سوٽي يا ريشمي پَٽي (زنانن ڪپڙن تي ٽانڪڻ لاءِ)- گوٽو.

پانوَ، پانَہ: ص. لائق سرڪردو. پهلوان- سورهيہ.

پانهوُن، پانهين: ظ. پنيان- پوئتي. پٺتي موٽندڙ. پٺتي موٽ.

پاڻُ: ذ. جِند- ذات. هستي- وجود. آپو- انانيت. (ض) آءٌ- پِنڊ- آپ.

پاڻَ پَرو: ص. پاڻ تي ڀاڙيندڙ. پنهنجن پيرن تي بيٺل.

پاڻ پيري: ظ. پنهنجي واري. پنهنجي فائدي وقت. پنهنجي لاءِ.

پاڻَ پَڻُو: ذ. خودي- آپو. هستي. هٺ.

پاڻمُرادو: ظ. پنهنجي مُنهن- خود خيال. پاڻهين.

پاڻ وَتَندِي: ث. پنهنجي مرضي. خودمختياري.

پاڻ وَهيٺو: ظ. پنهنجي وس- خودمختار. خودخيال. آزاد. ڇڙواڳ. (ث. پاڻ وَهيٺي).

پاڻو: ذ. سفر ۾ پاڻي واري ماڳ تي ترسڻ. ڏاڪو- منزل.

پاڻهِي، پاڻيهِي: ظ. پاڻ ئي. پنهنجي مرضي سان. پنهنجو پاڻ. خودبخود- پاڻمرادو.

پاڻِي: ذ. جَرُ- آبُ- نِيرُ. جوهر (اوزار تي چڙهيل پاڻي). رونق (مُنهن جي). (ص) پڙو- ڇڊو.

پاڻِي ڪانجِهي: ث. پاڻي ۽ رب- ڪاڏي لاءِ رب پيچَ جهڙو ٿهڙو ڪاڏو.

پاڻي ڪَڇَڻُ، ماپَڻُ: طاقت جو اندازو لڳائڻ.

پاڻي وِلوڙڻ، اجائي ڪوشش ڪرڻ. بي فائدي محنت ڪرڻ (جنهن مان ڪو نتيجو نہ نڪري).

پاڻيالو، ص. پاڻيءَ جهڙو- پاڻيءَ وانگر. پٽڙو. پُسيل- آلو. گهميل. (ث. پاڻيالي).

پاڻيالو، ذ. پنهنجي پوک لاءِ ٻئي جي نار مان ڪنيل پاڻي جو معاوضو.

پاڻيٺِ، ث. پاڻيءَ جهڙي شيءِ. پٽڙي شيءِ. سيال مادو. آلاڻِ.

پاڻيٺُ، ذ. پاڻيءَ وارو. آبدار (موتي). موتي.

پاڻيهارِي، ث. پاڻي ڀريندڙ عورت (جيڪا دِلا ڪٺي کوهہ يا تڙ تان ڀري اچي).

پاوا، ذ. ٺُوڪَ سان وڄائڻ جو هڪ ساز (’پاون‘ جي جوڙي ٿئي. نر ۽ مادي)- الغوزا. ٻاڪري يا ڳائي مال جون کُرن سميت ڏريون (جن مان خاص قسم جو ٻوڙ ٿئي).

پاوَنگُ، ص. سورهيہ- پهلوان.

پاهہُ، ذ. رس- شوررو. عرق. نپوڙي ڪڍيل سَتُ. ڳريل گوشت وغيره. (ص) تمام ڳريل- گهڻو رڌل (گوشت، طعام). ماندو- ساڻو (ٻڪ ۾).

پاهَتُ، ذ. موافقت- ٺاهہ. صلاح. خيال. شاديءَ وغيره ۾ مقرر ٻنڌاڻ- پُوئو- پَهتُ.

پاهَڙُ، ذ. پَهاڙُ- جبل.

پاهَڻُ، ذ. پٿر (جبل جو)- پَهڻ.

پاهِڻُ، م. ڳر ۾ ورتل اَنُ ڪي علاج طور لاڻيءَ جي ڪار يا کبڙن جي ڇار تيل ۾ ملائي مک ڏيڻ تہ چمڙي صاف ٿئي.

پاهو، ذ. ڪوڏر يا ڪهاڙيءَ جو مٺو (جنهن ۾ ڳن وجهڻ لاءِ سوراخ هجي).

پاهورو، ذ. توبرو (گهوڙي جي داڻي وارو).

پاهوڙو، ذ. ياڻ وغيره ميڙڻ لاءِ ڪاٺ جي ڏِکهي ڳن سان ڪوڏر. (ث. پاهوڙي).

پاهِي، ث. پَتڙي ڇڏي لسي.

پاءِ، ذ (ف. پايہ) پيرُ. پايو- پيڙهہ.

پاءُ، ذ. چوٿين پَتي. سير جو چوٿون حصو.

پاڻدارُ، ص (ف) گهڻو وقت ٽِڪڻ ڪندڙ- جهالائو. مضبوط.

پاڻدانُ، ذ (ف) گاڏيءَ تي چڙهڻ لاءِ پير رکڻ جو ڏاڪو.

پاڻُرُ، ذ. ”ٿرَ“ جي هڪ ايراضي.

پاڻِلي، ث. ريٽي جي چوٿين حصي ملهہ وارو سِڪو.

پاڻِندَہ، ص (ف) قائم. ٽِڪادار- جهالُو.

پاڻِڻُ، م. حاصل ڪرڻ. لهڻ- ليڻ. اوتڻ (پاڻي). وڏائڻ (ٿانءَ ۾). پهرڻ- اوڍڻ (ڪپڙو، ويس). وجهڻ (ڳهہ). ڪڍڻ (ليڪو). ڪُهڻ (پهرُو). ڪاڏ ڪرڻ (ڪنارو، ڪپ).

پاڻو، ذ (ف. پايہ) پيرُ. پاڳو. ٿنڀ. ٻٽڻي ۾ ورهاست جو هڪ اسم. ڳجهارت جو ٽپ. گوشت ٽنگڻ لاءِ لوهي ڪُنڍو.

پاڻوڊَرُ، ذ (انگ) سنهون پيٺل ٻُورو- سفوف. مُنهن کي مٿڻ لاءِ خوشبودار اٽو.

پاياب، ص (ف) پير ٻوڙ (پاڻي). تانگهو (دريا).

پايو، ذ (ف) پاڻو.

پَبلِڪَ، ث (انگ) عام ماڻهو. رعيت.

پَبُ، ذ. پير جو مُهڙ وارو حصو.

پَٻُڻِ، پَبَڻِ، ث. ڍنڍن تلائن ۾ ٿيندڙ هڪ ول (جنهن جي چوٽيءَ ۾ پابوڙو ۽ پاڙون ٻِهَ ٿين).

پَبو، ص. ڏندن ڀڳل- ڀڏو.

پَپي، ث. چٽ- ڏاڏر. هڪ قسم جي باراڻي راند.

ملهہ وڙهندي پنهنجو پٻ سامهون ٻئي جي سندري ۾ پچائڻ.

پَپِیُون پَدَڻ؛ چِتُون ٻڌڻ- ريجهائڻ لاءِ ڳالهيون ٻڌائڻ.

پَتِ؛ ث. اعتبار- ساک. سچائي. آبرو- مانُ. ڳُڙ يا کنڊ جي گهاٽي چاش.

پَتِ واڪي ٿيڻ؛ نڳي يا ڪوڙ ظاهر ٿيڻ.

پِتِ، پِتُ؛ ث. گرمي سبب جسم تي نڪتل داڻا- آرايون. ملو.

پِتا؛ ذ (سن. پِتر) پيءُ.

پَتاشو؛ ذ. کنڊ جي چاش مان ٺهيل ننڍڙي گول ٽِڪي. انب ۽ ڪجيءَ جو هڪ قسم.

پَتائِڻُ؛ م. اُڪلائڻ (ڪم کي).

پَتَرَ؛ ث. سَرن، ووڻائين، پن وغيره جي تِيلين مان ٺهيل پڙچ (جيڪو لانڊي، پونگي، جهُگي جي ڪنڍيءَ طور آڏجي).

پِتَرَ؛ ذ (سن) هندن جي اصطلاح ۾ "ابو ڏاڏو". ابي ڏاڏي جا ارواح.

پِتَرَ پڌرا ڪرڻ؛ اصل نسل ظاهر ڪرڻ. پولَ پڌرا ڪرڻ.

پِتَرَ رُلائڻ؛ لڏپلاڻ ڪرڻ. دربدر ٿيڻ.

پَترو؛ ذ. ڪنهن ڌاتوءَ جو پڙچ. دوا جي ٽڪين جو بند ٿيل ڪاغذ. ڊبل روٽين جو پترو.

پِتَڪَ؛ ث. ٿوري ذري- چِهِي. پِنڙي شيءِ جي ذري. تِيڪ جو ذرو (جيڪو بي اختيار وهي وڃي).

پِتڪِي؛ ص. ننڍڙي.

پِتَلُ؛ ذ. ڌاتوءَ جو هڪ قسم (جيڪو جست ۽ ٽامو ملائي ٺاهجي).

پُتلو؛ ذ. بُت- بوتو- مجسمو. گُڏو. جسم. ڌُهري يا هار جي وچ ۾ سيني تي لڙڪندڙ ٽِڪڙو.

پَتلُونَ؛ ث. ولائتي پاجامو. پاجامو.

پُتِلي؛ ث. مِٽي، ڌاتو وغيره مان ٺهيل ننڍڙو بُت- مورتي. پُوري. ڪاٺ جي گُڏي (جيڪا 'پُتلين جي تماشي' ۾ ڪم اچي). سُهڻي عورت. اک جي مالڪي.

پُتليون پڙهائڻ؛ برغلائڻ- پنيلائڻ. نڳيون سيکارڻ.

پَتنگُ؛ ذ (ف) اُڏامندڙ جيت جو هڪ قسم (جيڪو بتي، شمع، ڏيي يا باهہ جي شعاع تي اُڏامي اچي ۽ سڙي وڃي. عام روايتي خيال تہ پتنگ باهہ تي عاشق آهي). (ص) قربان ٿيندڙ. پروانو. عاشق. سهڻو- حَسِين.

پَتِني؛ ث (سن) عورت- زال. جوءِ.

پَتَڻُ؛ ذ. درياءَ جو گهيڙ (جتي ٻيڙيون لنگر هڻن). هڪ ڪناري کان ٻئي ڪناري تائين ڪٽي ويندڙ ٻيڙي. پتڻ اُڪارڻ جو اُجورو. مُقامي ڪي ڏنل ماني يا آن وغيره (جيڪو لاش دفنائڻ وقت مقامي کي ڏجي).

پَتڻُ اُڪرڻ؛ پار پهچڻ. منزل تي رسڻ. مُراد پچڻ.

پَتو؛ ذ. اهڃاڻ. ڏسُ. پارَ. سرنامو- ائڊريس. پَنَ (وڻ جو). تاس جو هڪ پتو.

پَتو پوڻ؛ اهڃاڻ ملڻ. سُڌ پوڻ. تجربو ٿيڻ. سيکت اچڻ.

پِتو؛ ذ. پيٽ ۾ پِتُ ٺاهيندڙ ننڍڙو ٿوٿو (سيني جانورن ۾ ٿئي پر اُٺ ۾ ڪونہ ٿئي). پتائي گجر ۽ انب جي ڪوئلي جو اندريون ڳِپ. وَلِ جو ڪچو ڦرُ (ونگو، ريبڙ، گدرو، ميهو، چانهين).

پِتائي گجَرون؛ ث. گجرن جو هڪ قسم (سنڌي گجرون).

پِتي تي پوڻ؛ دل تي اثر ڪرڻ (نصيحت).

پَتوڙَڻُ، پَتوڙِڻُ؛ م. ڌانڌولڻ- گيندارڻ (بار کي).

جهڳورڻ. گهلڻ. رلائي مارڻ. سخت هلاڪيءَ ۾ وجهڻ.
پَتي: ذ (سن) گهر وارو- مڙس.
پَتي: ث. ڀاڱو- حصو. وَنڊِي. ورهاست ۾ آيل حصو.
پَتِيارُ: ص. حصيدار- ڀائيوار.
پِتي: ث. ڳنڍِ (بصر جي). ريڙي.
پَٽُ: ذ (سن. پنٿ) ڪڙم- ڪٽنب. راڄ- قوم. واٽ- رستو. طريقو- مَتو.
پَٽارَڻُ: م. پکيڙي سَنوَت ۾ آڻڻ (پتر. مٽي وغيره). وڇائڻ (هنڌ). پکيڙڻ (سامان).
پَٽَرُ: ذ. ويهڻ لاءِ پٽريل زمين- پاٽاري. زمين تي ويهڻ لاءِ ڪک يا گاه وڇائي ٺاهيل وڇائو. مرڻي جي موقعي تي هٿ فاتحہ لاءِ وڇايل تڏو وغيره. جبل جو پهڻ. قيمتي پٿر جو دائو. ننگ- ڀڙو. (ص) نهايت سخت. ڏاڍو ڳرو.
پَٽرالِي. پَٽرلي: ث. ڪپڙي جي غلاف ۾ ڪپهہ وجهي ٺاهيل وڇائو- رضائي.
پَٽرَڻُ: م. پٽارڻ.
پَٽرو: ذ. (ميربحرن جو اصطلاح) رَڃ ۾ ڪائيون ٻڌي دريا يا ڍنڍ ۾ پکيڙي ڇڏڻ (جئن رَڃ ترندو رهي).
پَٽرِي: ث. ننڍڙو پٿر- پَهڻي. مثاني يا گڙدي ۾ پيدا ٿيل پٿر جهڙو سخت مادو (جنهن کان پيشاب ۾ رڪاوٽ ٿئي).
پَٽلِي: ث. ويهڻ جو هڪ نمونو- پَلٿي.
پِٽون: ذ. ذرا ذرا- پور پورَ. مڇيءَ جو هڪ قسم.
پَٽَ: ث. مصدر "پَٽَڻُ" مان اسم. کوهہَ- کُونڊَ (وارن جي). ذري ذري گهُرَ (خرچ جي).
پَٽَ پُورِ: ث. هرهر کولڻ ۽ بند ڪرڻ جو عمل (در، دري، اکيون).
پَٽَ سَٽَ: ث. ڇڪي تاڻي پورت (خرچ جي). هِتان هُتان آڻي ڪيل پُورائي.
پَٽَ کُونڊَ: ث. پَٽڻ ۽ کُونڊڻ جي حالت- ڇِنَ پَٽَ. بي آرامي (بيماريءَ ۾).
پَٽَ کوهہَ: ث. پَٽَ کونڊ. لوڇ پوڇ. پورائي لاءِ ڊوڙ ڀڄ.
پَٽُ: ذ. زمين. پَڊُ. ميدان. پوٺو. غيرآباد زمين. ريشم. سونُ چانديءَ جي پَٽِي. ڪنهن به ڌاتوءَ جي پَٽِي. بليڊ (سيفٽيءَ جو). پَنو. ڇِلي. ڪاٺ جو تختو. ڪِستو. پيالو- جام (شراب جو).
پَٽَ پَٽيهرَ: ذ. ريشمي ويس وڳا.
پَٽِ پوَڻُ: ظاهر ٿيڻ. پڌر پوڻ (رِٽ، راز). ترين پر ٿيڻ- ڪنگال ٿيڻ.
پَٽَ ڪَٽَڻُ: ڏاڍي ڪوشش ڪرڻ. سخت پورهيو ڪرڻ.
پِٽَ: ث. روئڻ پٽڻ جو لاڳيتو عمل. روڄ راڙو. روئڻ سان گڏ مُنهن متو يا جوٽون ڪُٽڻ. بددعا- پاراتو.
پِٽَ پوڻ: مَڇا پوڻ. ٻيڙي عادت جي هيرَ پوڻ.
پُٽُ: ذ (سن. پُتر) پُٽائو ٻار- بيٽو- پِسَر.
پَٽاٽو: ذ (انگ) هڪ قسم جو اوبڙ- آلو.
پَٽاپَٽِي: ص. مختلف رنگن جي پٽن وارو. رنگارنگي ليڪن وارو (ڪپڙو، ڪاغذ وغيره). گهڻن رنگن جي ڪاغذ مان ٺهيل (لغڙ).
پَٽاڙَ: ث. ڊيگهہ- اِينگهہ (ڳالهہ يا بيان ۾). ڊگهي ڳالهہ. بَڪَ.
پَٽاندَرِ: ظ. موجب- وانگر- مطابق.
پَٽائِڻُ: م. کولائڻ (در، اکيون). ڇِنائڻ (ميوو).
پِٽائِڻُ: م. بيزار ڪرڻ. روڄ راڙو ڪرائڻ. رُئارڻ.
پَٽَ تِتِرُ: ذ. "تِتر" جو هڪ قسم (تِتر کان ننڍو، ميرڙو، ڳاڙهي چهنب، ماٿهو کي ڏسي لڪي وڃي يا

اوچتو پڙڪو ڏيئي پَٽَ سان لڳو اُڏامندو ويندو).
پَٽَ پيرُون: ذ. ڪاٺئل پيرون (پسارڪو وکر).
پِٽجَڻُ: مر. بددعا ٿيڻ. پاراتو ملڻ. خوار ٿيڻ.
پَٽڙو: ص. چِٻو- ڪِنگهو (رَس، ڏُڌ وغيره). ڪُونئرو (پَت). (ث. پَٽڙي).
پَٽَ ڪُنوارَ: ث. هڪ قسم جو ٻُوٽو.
پَٽڪو: ذ. پگَ.
پَٽڪو ٻَڌڻ: چگو مڙس ٿيڻ. اڳوائي ڪرڻ. همت ٻڌڻ.
پِٽڪو: ذ. روج راڙو. ماتم. پِٽَ پاراتو.
پِٽڪو سَٽڪو: ذ. روج راڙو. روج ۽ ماتم. مُنهن مٿو پٽڻ.
پَٽڻُ، پَٽڻُ: مر (سن. پٽ) کولڻ- اُپٽڻ. ظاهر ڪرڻ. اُکيڙڻ. کڍڻ (جڙ ڪان). کوهڻُ- کُونڊڻ (وار). چنڻ (ميوو، گل).
پِٽڻُ: مر. بددعا ڏيڻ- پِٽَ هڻڻ. پاراتو ڏيڻ. روج پِٽڪو ڪرڻ. ماتم ڪرڻ. ماتمداري ڪرڻ (عاشورن ۾).
پِٽو: ذ. پِٽَ- بددعا- پاراتو. پِٽڪو- ماتم.
پِٽا پِٽڻ: ڏکيا ڏينهن ڪاٽڻ. سخت پورهيو ڪري گذران ڪرڻ.
پَٽو: ذ (سن. پَٽ) ڪپڙي، چمڙي يا ڌاتوءَ جي ڊگهي پٽي. چپلهه ۾ ٻڌڻ لاءِ ڪپڙي يا چمڙي جي پَٽي (سپاهي، چوڪيدار، پٽيوالو ٻڌي). پڳل هڏ تي چاڙهڻ لاءِ ڪپڙي جو پَٽو. بيل گاڏي جي چاڪ تي چڙهيل لوهي پَٽُ. چمڙي جي وڏي (وهٽ يا جانور کي ٻڌڻ لاءِ). چاندي يا سون جو هڪ ڳهه. لاپي تي ڏنل زمين جو ڪاتو. ريل جو لوهي رستو.
پَٽولُ: ث. سهڻي عورت.
پَٽولو: ذ. پَٽَ جو ڪپڙو. پَٽ جو چولو يا وڳو.

پَٽهَڙَ: ث. هڪ قسم جو اڳٺ (ٻہ قسم: هڪ پٽهڙ، ٻيو جارِي وارو).
پَٽُونٽڙو: ذ. ميِنهن وَساڙو.
پَٽي: ث. ڪپڙي جي رِيڙَ. ڪپڙي جي ڊگهي ٽُڪري. پساتڪ (زريءَ واري). زريءَ جي ڏوري. تختي- ڦرهي. ڦٽيءَ سان سنواريل وار. جبل ۾ سڌو گس يا جُوءِ.
پَٽي پڙهائڻ: ڏُتاري ڪنهن صلاح تي بيهارڻ برغلائڻ.
پَٽي: ظ. هرگز- ٻِنهہ- مُور- بلڪل.
پَٽيلُ: ص. پَٽي وارو (زميندار). چگو مڙس (جنهن جي زمين تي ڳوٺ ٻڌل هجي).
پِٽيو، پِٽيَلُ: ص. پِٽَ لڳل. نياڳو.
پَٽيوالو: ذ. پَٽي وارو (جنهن کي چپلهه ۾ سڃاڻپ لاءِ پَٽو ٻڌل هجي). ننڍو سرڪاري نوڪر.
پُٽيلو: ذ. گود ورتل پُٽ. اولاد وانگر نپايل ٻار.
پَٽيُون: ث (واحد. پَٽي) پيرن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهہ.
پَٽيهَلُ: ذ. سنڌو درياءَ جو هڪ قديم ٻورو (بدين ضلعي جي اولهندين ڀاڱي ۾).
پَٺَ: ث. اَڻ وياڻل ٻڪري (اٺن ڏهن مهينن جمارَ جي)- اَيٺَ.
پُٺِ: ث (سن. پرشٺ) انسان يا جانور جو پُٺن وارو حصو- پُٺي. پُشت. پٺيون حصو. اُبت (ڪپڙي جي). پيچو- ڪڍ. عاقبت- پڇاڙي. پيڙهي- نسل.
پُٺِ ڏيڻ: منهن موڙڻ. بي تعلق ٿيڻ. پوئتي موٽڻ. پويان پير ڪرڻ.
پُٺِ وٺڻ: پويان لڳڻ. پيروي ڪرڻ. تعاقب ڪرڻ.
پُٺا: ذ (هميشه جمع ۾ ڪم اچن). پُٺيءَ واريون مُشڪون- لِڱَ.

پِنارَڪَ: ث. پُنيءَ تي ڪٺي سگهڻ جهڙي هَڙ يا پَري.
پَٺاڻُ: ذ. پٺاڻ قوم جو فرد- افغان.
پَٺاڻِي: ث. پٺاڻ عورت. سهڻي ۽ نفيس عورت.
پُٺِڀَرائِي: ث. تائيد- حمايت. ٽيڪو (ڳالهه ۾). طرفداري.
پَٺَڻُ: م. موڪلڻ- اماڻڻ. روانو ڪرڻ.
پَٺو، پِٺو: ص. خوشامدي. چاڙتو.
پُٺو: ذ. پُٺيءَ جو هڪ پاسو. رڍ، ٻڪري ۽ اُٺ جي هڪ سال جا ڪتريل وار. جِلد (ڪتاب جو).
پُٺِي: ث. پٺ- پشت. (ظ) پويان- پٺيان.
پُٺيءَ لڳڻ: پويان لڳڻ. تقليد ڪرڻ.
پُٺِيان: ظ. پُٺ ڏانهن- پٺ تي. پوئتان. پويان. پڇاڙيءَ جو.
پُٺيان پوڻ: پيڇو ڪرڻ. پويان لڳي پوڻ.
پُٺِيرو: ظ. پٺي ڏيئي وينل يا بيٺل. اُبتي پيرين (هلڻ). هلي چلي يا قاعدي قانون جي برخلاف. (ث. پٺيري).
پِپُ: ص. گهاٽو سائو (رنگ).
پِپرُ: ذ. هڪ مشهور وڻ.
پَپَڻُ: ص. چنبڙ جهڙو سهڻو. مٺڙو- پيارو.
پِپُون: ث. هڪ ٻوٽي جو ڦرُ (جيڪو دَٽ طور ڪم اچي).
پَپِي: ث. ٻار کي پيار مان چُمي.
پَپِيتو: ذ. ڪاٺ گدرو.
پَپِيهو: ذ. ڪوئل يا تاڙو پکي.
پُڄاڻا، پُڄاڻا: ظ. پوءِ- ڪان پوءِ- بعد.
پُڄاڻِي: ث. پڇاڙي- آخر- انت. ڇيهه- دنگ. خاتمو.
پڄاڻي ڪرڻ: ڇيهه ڪرڻ. خاتمو ڪرڻ (قرآن شريف يا ڪتاب جي مطالعي جو). ڪوشش جي انتها ڪرڻ.
پُڄائِڻُ: م. رسائڻ- پهچائڻ. ڪٺي ڏيئي اچڻ. پوري ڪرڻ (آس، اميد). پيٽ ڪرائڻ. حصو وٺڻ (شرط ۾).
پُڄَتِ: ث. پهچ- رسائي. همت- طاقت. پڄندي.
پَڄِرَڻُ: م. سڙڻ- ڪامڻ. ڏڳڻ (اُڳر).
پُڄَندِي: ث. پهچ- پڄت. وس- سگهه. اثر رسوخ- هلندي.
پُڄَڻُ: م. پهچڻ- رسڻ (پنڌ يا رفتار ۾). هلڻ (وِڪَ ملائي). مَٽ پوڻ- برابر ٿيڻ. پورو ٿيڻ- ختم ٿيڻ. پَرجي اچڻ (ڏينهن، مُدو، حياتي). ٽڪجڻ.
پِڃَ: ث. ٽُنبَ (ڪپهه کي). سَٽ ڪُٽ. ڏاڍي مار- جَهڳورَ- جهڪور.
پِڃُ: ذ. (سن. پُنيہ) دانُ- خيرات.
پِڃارو: ذ ڪپهه پڃيندڙ. نداف- حلاج.
پِڃائڻ: م. ٽُنبائڻ (ڪپهه، اُن). پڃَ ڪڍائڻ. سيڪت ڏيارڻ.
پَڃَرُ: ذ (ف. پَنجر) ڇت ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺي (ڪاٺن جي وچ ۾ پکن ٽوڻن جي جهَل).
پڃرو: ذ. پکين لاءِ تيلين يا لوهي تارُن مان ٺهيل گهر- قفس. ڪورٽ ۾ جوابدار، فريادي يا شاهد جي بيهڻ لاءِ خاص ڪٽهڙو. ڇپر لاءِ ڪائين جي اڏاوت. بدن جي هڏن جو بوتو.
پڃري: ث. پٿر يا ڪاٺ جو گهڙيل وزنائتو ٽڪر (ورزش ۽ زور آزمائي لاءِ ناهيل).
پِڃَڻِ: ث. ڪپهه پڃڻ جو خاص اوزار.
پِڃَڻُ: م. ڪپهه کي "پڃڻ" اوزار سان ذرا ذرا ڪري ان مان مٽي وغيره ڪڍي نرم ۽ صاف ڪرڻ- ٽُنبَڻ. ڏاڍي مار ڪُٽ ڪرڻ.
پَڃُ: ذ. زخم پڃڻ جو ساڙُ. اندر جو ساڙُ. ڪينو.
پَچارَ: ث (سن. پرچار) ڳالهه- ذڪر. يادگيري- تات.

جهوري- اُٿڻ. چُرڻ.
پچارَڻُ، پَچارِڻُ؛ م. ڳالهه ڪرڻ. ياد ڪرڻ. وري وري ذڪر ڪرڻ.
پَچائڻُ؛ م. سيڪڻ (باهه يا تانڊن تي). تَئي، دانگي، توبي وغيره تي پچائڻ. ڪُوري يا آويءَ ۾ پچائڻ (سرون، ٺانوَ). پال وجهڻ (انب). سهسائڻ- سَهڻ. ويچارڻ (خيال، پهه، ڳڻتيون). مشق ڪرڻ. هضم ڪرڻ (کاڌو).
پَچرَ؛ ث. پَچار.
پچرُ؛ ص. اڪيڻ ۾ پچڻ پيل.
پچڪاري؛ ث. پاڻيٺ ڪي سنهي ناڙ جي صورت ۾ زور سان اُڇليندڙ اوزار.
پَچَڻُ؛ م. باهه يا تانڊن تي سيڪجڻ. تئي يا دانگيءَ تي پچڻ (ماني). سڙڻ. بٺيءَ ۾ تيار ٿيڻ (سرون، ٺانو). رسجڻ (ميوو).
پَچَڻُ؛ ذ. ساڙ- ڪام. حسد.
پچي؛ ث. اک جي ٽُري ۾ گڏ ٿيل گند. نڪ ۾ جميل ميل.
پچّ؛ ث. اوباريل جانورن جو پاڻي- پيچي. پٽڙي رب. ڪانجي.
پچّ پاڻي؛ ذ. سادو ڪاڌو- غريباڻو کاڌو.
پُڇُ؛ ذ. جانورن جي ڪرنگهي واري وڌيل پڇڙي (چوپاين جي پڇ ۾ وارن جو مُچو ٿئي)- دُم. پکيءَ جي پُٺ ۾ وڌيل کنبي.
پُڇ پڏڻ؛ دگهو ڪرڻ (ڳالهه کي). اجائي خوشامد ڪرڻ.
پُڇ پوڻ؛ ڏبرو ٿيڻ. هيٺو ٿيڻ. پوڙهو ۽ هيٺو ٿيڻ (وهٽ).
پُڇا؛ ث. خبر لهڻ لاءِ پڇيل سُوال. سوال جواب. سڌ سماچار. ڏس پتي جي پروڙ. جانچ- تفتيش (ڏوهه جي).
پڇا ڳاڇا؛ ث. معلومات لاءِ سوال جواب. خبرچار. ڏس پتو. جانچ جونچ.
پَڇاڙَڻُ؛ م. پٺن تان وراٺي سٽڻ. پويان اچلائي ڪيرائڻ. زور سان پَٽ تي سٽڻ. چڙيون هڻڻ. ڏڪ ۾ ليڙ.
پَڇاڙي؛ ث. پويون حصو- پڇڙي. چيڙو. چيهه- دنگ. آخرين حد. پڇاڻي- خاتمو. پويون وقت (عمر جو). آخرت. عاقبت. نتيجو(ڪم يا عمل جو). گهوڙي جي پوٺين پير ۾ پڌل رسو جيڪو پوٺتي چڪي ڪِلي سان ٻڌجي.
پَڇاڻ؛ ث. سڃاڻپ- شناس.
پُڇاڻو؛ ذ. پڇا ڳاڇا- دريافت. عملن بابت آخرت ۾ پڇا.
پُڇائڻُ؛ م. پڇا ڪرائڻ. ڏس پتو وٺڻ. جانچ ڪرائڻ. ڳولا ڪرائڻ.
پُڇائو؛ ص. پڇا ڪندڙ- ڳولائو. گهورو- طلبيندڙ.
پَڇتاءُ؛ ذ. پشيماني- ندامت. شرمساري. افسوس- ارمان.
پَڇتائڻُ؛ م. پشيمان ٿيڻ. پنهنجي ڪِئي تي ڏک ڪرڻ. شرمسار ٿيڻ.
پُڇُر تارو، پُڇڙ تارو؛ ذ. نظام شمسي ۾ گرهن کان سواءِ تاري وانگر گهمندڙ گئس جو جسم- چوٽيَرّ تارو.
پُڇڙي؛ ث. ننڍڙو پڇ. پڇ وارو حصو (پلي مڇيءَ وغيره جو). پڇ (نانگ بلا جو). واهه جي پڇاڙي.
پڇڙي هڻڻ؛ بچاءُ لاءِ آخرين طور هٿ پير هڻڻ. بيوسيءَ جي حالت ۾ جدوجهد ڪرڻ.
پَڇَمُ؛ ذ. (سن. پشچم) الهندو- مغرب.

پيچَندَ: ث. هلڪي چپيٽ. دهل جي هڪ وجت.

پيچندي: ث. گهر جي صُفي ۾ چت هيٺان لهيل ٻي ننڍي چت- ڏيڍي.

پيچَڻُ: م. پڇا ڪرڻ (جاڻڻ سمجهڻ لاءِ). احوال وٺڻ. حال معلوم ڪرڻ (بيمار جو). خبر لهڻ. ياد ڪرڻ.

پيچو: ذ. پوئيون پاڱو (بدن جو). مقعد جو اندريون حصو.

پيچو تائڻ: هر هر ساڳي ڳالهه چوڻ.

پيچي: ث. ننڍڙو ٻچ. مڇيءَ جو ٻچ.

پيخالَ: ث. ساندارو- مَشڪ.

پيخالي: ص. اجوري تي پخال سان پاڻي پرينندڙ- بهشتي.

پُختائي: ث. پڪائي. مضبوطي- ڏاڍائي. خبرداري.

پُختگي: ث (ف) پڪائي. مضبوطي.

پُختو: ص (ف. پخته) پڪو- ڏاڍو- مضبوط. سخت. جٽادار- جهاڳو.سمجهو. اعتبار جوڳو. پڪو (ارادي جو). (ث. پختي).

پَدُ: ز (سن) پير. درجو- رتبو. منزل. بيت جي هڪ سٽ جو هڪ پاڱو. شعر جو هڪ رڪن.

پَدارٿَ: ث (سن) شيءِ- وٿ. عنصر.

پِدَر: ذ (ف) پيءُ- والد.

پِدري: ص. پيءُ جي- اباڻي. موروثي.

پَدَمُ: ذ (سن) ڪنول- نيلوفر (گل). پير جي ترِيءَ ۾ سياڳ جي ليڪ يا نشان. نراڙ جو گهنج. نانگ جو هڪ قسم. ڳشپ جو ارڙهون ڏاڪو.

پَدمني: ث (سن) ڪنول جي گل جهڙي نازڪ سهڻي عورت.

پَدارَڻُ: م (سن) اچڻ- پير ڌرڻ. تشريف فرما ٿيڻ. وڃڻ- اُسهڻ.

پَڌر: ث. پڌرائي- چٽائي. (ظ) ظاهر- چٽو.

پَڌر پوڻ: ظاهر ٿيڻ. مشهور ٿيڻ.

پَڌرُ: ذ. اڳڻ- آڳنڊ.

پَڌرائي: ث. چٽائي. اجائي (فيصلي يا وهنوار جي). مشهوري. اعلان.

پَڌرو: ظ. چٽو- ظاهر. کُليو. مشهور. چِڙيو (پاڻي)- وهندڙ (پاڻي).

پَڌري پَٽ: ظ. ظاهر ظهور- کليو کلايو.

پَڌري: ث. سڱاوتي جي ڳالهه پڪي ٿيڻ تي مٺائي ورهائڻ جي رسم.

پَڌائڻُ: م. واکاڻڻ- ساراهڻ. خوشامد طور اجائي تعريف ڪرڻ.

پَڌُ: ذ. غيرآباد زمين- پوٺو. ٿلهو شهر يا ڳوٺ واري زمين. ماڳ- جوءِ.

پَذيرائي: ث (ف) قبوليت. سرخروئي. عزت افزائي- آجيان.

پَرَ: حرف (سن) ليڪن- مگر. تڏهن ٻه.

پَرِ: ث. ريت- رسم. هَلي چَلي- دستور.

پَر ۾: ظ. نموني سان. لِڪَ ۾- ڳجهيءَ طرح. پنهنجي منهن.

پَرُ: ظ (سن) پري- ڏُور. ڏاريو- ٻاهريون- غير. (ف) گذري ويل- گذريل (سال).

پَرگهارڻو: ص. پرائي گهر ۾ رهندڙ. آواره.

پَرُ: ذ (ف) کنڀ- پَکُ. ڪنيڙائي (پکيءَ جي).

پَرَ سوئڻُ: سنبت ڪرڻ (وڃڻ جي).

پَرُ: ذ (سن. پريہ) پرين- پيارو.

پُرُ: ص (ف) پريل- ڀٽار- لبريز.

پُرتڪلفُ: ڏاڍي بندوبست سان. وڏي ٺاهه جوڙ سان. مان شان سان (دعوت، ڪاڄ).

پُرفضا؛ رونق وارو. سرسبز. وسيع (علائقو، ميدان).
پُرنمر؛ ظ. آليون (اکيون)– پنّل (اکيون).
پُرِ، پُرُ؛ ذ (سن) شهر. ڪوٽ. ڳوٺ. وسندڙ. آبادي.
پراپتِ؛ ث (سن) پهچ– رسائي. فائدو. حاصلات.
پَر اُپڪارُ؛ ذ (سن) ٻين سان ڀلائي. نيڪي. سخاوت.
پَراچِين؛ ص (سن) اوائلي– آڳاٽو. قديم– ڪُهنو.
پَرارٿنا؛ ث (سن) دعا. هندو ڌرم ۾ بندگي– پوڄا.
پَراڙُ؛ ذ (سن. پروار) پريون پاسو. ٻيءَ پَرِ (درياءَ جي). ("اوراڙ" جو ضد).
پراڪِرت؛ ث. عام ماڻهن جي ٻولي (جيڪا سنسڪرت جي گرامر مطابق نہ هجي).
پَراگندہ؛ ص (ف) ڇڙوڇڙ– ڀڪڙيل. پريشان. گهبرايل.
پَرانهون، پَراهون؛ ظ. پري جو– ڏورانهون.
پِرانُ؛ ذ (سن. پرانِ) ساهہ– دم. پساهہ. حياتي. روح.
پُرانُ؛ ص (سن) پراڻو– جهونو. اوائلي دور جو– قديم. (ذ) هندن جي ڌرم بابت ارڙهن پوتر ڪتاب. سنڌو درياءَ جو هڪ قديم وهڪرو.
پُراڻو؛ ص (سن. پُرانِ) قديم– ڪهنو. آڳاٽو. جهُور. زبون. (ث. پُراڻي).
پراڻو پاپي؛ ص. جهونو گنهگار. زماني ۾ اُٿيل وِيٺل. چالاڪ.
پرائيمَرُ؛ ذ (انگ) ابتدائي درسي ڪتاب.
پِرائِڻُ؛ م. حاصل ڪرڻ. وٺڻ (تعليم، سکيا). سکڻ (هنر). هنڊائڻ (آزمودو).
پَرائو، پرايو؛ ص. ٻئي جو. غيرجو. ڌاريي جو. ڌاريو– اوپرو. اجنبي. (ث. پَرائي).
پرائِيوِيٽ؛ ص (انگ) خانگي– ذاتي.
پَربَتُ؛ ذ (سن. پروَت) جبل– پهاڙ. (ص) تمام وڏو. تمام ڳرو.
پَربَنڌُ؛ ذ (سن) لاڳاپو– تعلق.
پربُ؛ ذ (سن) چنڊ جي بدلجڻ جو ڏينهن (چنڊ جي ٻهرين، اٺين، چوڏهين ۽ ٻاويهين تاريخ). وڏو ڏينهن– ڏڻ. خوشيءَ جو ڏينهن.
پربِاتِ؛ ث (سن) سج اڀرڻ کان اڳ وارو وقت– پرڀات– وڏو صبح.
پرڀاتي؛ ث. هڪ راڳڻيءَ جو نالو.
پرڀائِڻُ؛ م. ريجهائڻ. وندرائڻ. سرچائڻ. ٻار کي لالچ ڏيئي مات ڪرائڻ.
پربُو؛ ذ (سن) هندو عقيدي موجب ڌڻي تعاليٰ.
پَربُون؛ ث. پرانهون ملڪ– پرڏيهہ.
پَرتُ؛ ذ (سن) تهہ– پُڙ. ورق.
پرتِ؛ ث (سن) پريت– پيار. سِڪَ– اُڪيرَ.
پَرتَو، پَرتَوو؛ ذ (ف) روشني. ڪِرڻو. شعاع– تجلو. چمڪو. عڪس. اولڙو. پاڇو.
پرتو؛ ذ. تماشو. هٽ ناٽ. ڪرشمو.
پرٿِمي؛ ث (سن. پرٿمي) پرٿوي– ڌرتي.
پرٿوي؛ ث (سن) دنيا. جڳت. ڌرتي– پُون.
پَرٽُ؛ ذ (سن) ڌوٻي– ڪَٽي.
پَرٽائِڻُ؛ م. هارڻ. اوتڻ. اُٿلائڻ.
پَرٽِڻُ؛ م. پاڻيٺ يا ڳريل ڌاتوءَ کي ٿانوَ يا قالب ۾ اوتڻ– پلٽڻ. ناڻڻُ. اُٿلائڻ (ٿانوَ).
پَرپُٺِ؛ ظ. ٻئي جي غيرموجودگي ۾. غائبانہ.
پرجا؛ ث (سن) نسل. قوم. عام خلق– رعيت.
پُرجهَڻُ؛ م. ڄاڻڻ– سمجهڻ. پروڙڻ. چڱيءَ طرح ذهن ۾ وهارڻ. اصل حقيقت کي سمجهڻ.
پَرچارُ؛ ذ (سن) چوڌاري پکيڙ– ڦهلاءُ (نظريي جو). اشاعت. مشهوري. تبليغ.

پَرچارَڪُ: ص. تبليغ ڪندڙ- مُبلغ.

پَرچائي: ث. نوتيءَ جي وارثن سان هٿ فاتحه- عذرخواهي.

پَرچاءُ: ذ. صلح- ناهه. ميلاپ (رُٺلن جو).

پَرچائڻُ: م. سرچائڻ. پرڀائڻ. راضي ڪرڻ. ناهه ڪرائڻ. ماٺ ڪرائڻ (ٻار کي). ڌُتارڻ. بند ڪرڻ (دڪان).

پَرچَمُ: ذ (ف) جهنڊي جو ڪپڙو- بيرق. جهنڊو.

پَرچَڻُ: م. نهڻ (رُسامي ڪان پوءِ)- سرچڻ. ريجهڻ. راضي ٿي ناهه ڪرڻ.

پَرچو: ذ (ف. پارچہ) ٽُڪرو- پُرزو. اخبار. هڪ ڏينهن جو خبرنامو. امتحان جو سوالنامو- پيپر.

پَرچُوڻ، پَرچُوڻ: ذ (سن) ريزڪي وکر (اٽو دال، مرچ وغيره).

پَرچِي: ث. ڪاغذ جو لکيل ٽڪرو. چٺي.

پُرخاشَ: ث (ف) جهيڙو. ڪينو- رنجش. اٿبٺت.

پَرداختَ: ث (ف) پالنا- پرورش. سارسنڀال.

پَردو: ذ (ف. پرده) بچاءَ لاءِ ڪپڙي جو ڍڪ. پوش. در يا دريءَ تي ٽنگيل ڪپڙو. ڪپڙي جي اوٽ. برقعو. نقاب. پرهيز (نامحرمن کان)- حجاب.

پَردو وجهڻ: ڍڪ ڍڪڻ. عيب لڪائڻ. لٽي مٿي ڪرڻ.

پرده نشين: ص. پردي ۾ ويٺل. پردي جي پابند (عورت).

پَرديسُ: ذ (سن. پرديش) ڌاريو ملڪ- پرڏيهه. ڏوراهون ملڪ- ڏيساور.

پرديسي: ص. پرڏيهي. ڌاريو- اجنبي.

پَرڌانُ: ذ (سن) سربراه.

پُرڌو: فعل. سمجهيو- ڄاتو.

پَرڏرُ: ص. جنهن جو ڏهڪاءُ پري پند تائين هجي. پهلوان- سورهيه.

پَر ڏکڻا: ث (سن) ڌرمي رسم موجب بُت جي چوڌاري طواف.

پَرڏيهہ: ذ. پرديس.

پرڏيهي: ص. پرديسي.

پَرڙ، پَرڙُ: ذ. تمام وڏو پکي- پرمار. ارڙنانگ.

پُرڙڻُ: م. چوري مٿي (ڏِسڻ) ۾ زور سان وجهڻ (جئن پورجي وڃي). ڏوڙ ۾ ڦُسڻ. زور سان دسڻ (ملهه ۾).

پُرزو: ذ (ف) ڪاغذ جو ٽڪرو- چٺي. ٽورو حصو- ذرو. مشين جو ڪوبه جزو.

پُرزا ڪرڻ: ذرا ذرا ڪرڻ- ٽُڪر ڪرڻ.

پُرسُ: ذ. پُرش.

پَرسادُ، پَرشادُ: ذ (سن) هندن ۾ ڌرمي ڏينهن تي تيار ڪرايل خاص قسم جو ڪاڻو (جيڪو مندر ۾ ڪٿا کان پوءِ ورهائجي).

پُرسانِ: ص (ف) پُڇندڙ- خبر وٺندڙ.

پُرسانِ حال: ڏک سک جي خبر لهندڙ. همدرد.

پَرَستار: ص (ف) پوڄيندڙ. عاشق.

پَرِستانُ: ذ (ف) پَرِيَنِ جو آستانو. سهڻين عورتن جو ميڙ. سهڻو نظارو.

پُرسَتِش: ث (ف) پوڄا. عبادت. اطاعت. محبت.

پُرسِش: ث (ف) پڇا. جواب طلبي. خبرگيري.

پَرسَنُ: ص (سن) خوش- راضي. تندرست.

پَرسَنگُ: ذ (سن) ٻئي سان ميلاپ جو اثر. دوستيءَ جو اثر.

پُرشُ: ذ (سن) آدمي- ماڻهو.

پَرڪارَ: ث (ف. پرگار) گهيرو ڪڍڻ لاءِ هڪ اوزار- پَلڪارَ.

پرڪارَ: ذ (سن) ڪَمَ. افعال. لڇڻ– عادتون. خراب عادتون.

پَرڪالہ: ذ (ف) چڻنگ. ٽانڊو.

پُرڪِٽو: ذ. ٽلٽو– چِلٽو.

پَرکَ، پَرکَ: ث. جانچ– چڪاس. آزمايش. اصليت جي جانچ. کري کوٽي جي تميز. معيار ڪَسوَٽي.

پُرکَ: ذ. پُرش.

پَرکا: ث. پرک.

پَرکُرَ: ث. وڃايل پير جي ڳولا. وَوڙَ. تلاش. پرگهور.

پَرکَنبُ: ذ (سن) ڌاريو ملڪ. پرانهون ملڪ.

پَرکَڻُ: م. چڱيءَ طرح سان جانچڻ– چڪاسڻ. کري کوٽي جي پرک ڪرڻ. فرق لهڻ (اصل نقل ۾). سڃاڻڻ. پروڙڻ. آزمائڻ.

پَرڳڻو: ذ (ف. پرگنہ) ملڪ جو هڪ ڀاڱو– صوبو– علائقو.

پَرگهٽ: ظ (سن) ظاهر– چٽو پڌرو. مشهور.

پَرگهورَ: ث. ٻئي جي سارسنڀال. پالنا– پرورش. خبرگيري. ٽهل ٽڪور.

پَرلاءُ: ذ. پري جو ڳالهائڻ (جيڪو ڏيمو ٻڌجي ۽ سمجهہ ۾ نہ اچي). آهستي ڳالهائڻ. جهيڻو آواز. گهڻن ماڻهن جي ڳالهائڻ جي گونج. پڙاڏو– پڙلاءُ.

پَرلوڪُ: ذ (سن) ٻيو جهان. موت کان پوءِ وارو جهان.

پَرلَئہ، پرلَي: ث (سن) دنيا جو موٽي اصلوکي حالت ۾ اچڻ. قيامت.

پَرماتِما: ذ (سن) سڀ کان اول ۽ اعليٰ هستي. ايشور.

پَرمارُ: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (جيڪو ٻين پکين کان شڪار کسي کائي). (ص) ڦورُو ماڻهو. پرايو مال هڙپ ڪندڙ. ٻئي جو ڪٽيو کائيندڙ.

پَرمَتِڙيو: ص. پرائي مَتِ تي هلندڙ. بيوقوف.

پَرمِٽ: ث (انگ) اجازت نامو– پروانو.

پَرميشوَر: ذ (سن) وشنو اوتار جو هڪ صفاتي نالو.

پَرميلُ: ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم.

پَرَڻُ: ذ (سن) واعدو– انجام. وچن.

پَرنامُ: ذ (سن. پَرڻام) عزت سان جُهڪي ڪيل سلام– نمسڪار..

پَرَندو: ذ (ف. پرنده) پکي.

پِرنسپالُ: ذ (انگ) ڪاليج جو وڏو اُستاد. اعليٰ تعليمي درسگاه جو منتظم.

پَرَتڻُ: م. حوالي ڪرڻ– سئونپڻ.

پَرَڻُ: م. پلجڻ. نپجڻ. تڳڻ– جيئڻ. ادا ٿيڻ (قول، وچن).

پَرُڻُ: ذ. اٽي يا اناج ڇاڻڻ لاءِ لوهي ڇاڻي– پَرُوڻ.

پُرَڻُ: م. هلڻ. چُرڻ.

پَرڻائِڻُ: م. شادي ڪرائڻ.

پَرڻجَڻُ: م. شادي ڪرڻ– وهانءُ ٿيڻ.

پَرڻو: ذ. شادي– وهانءُ.

پَرو: ذ. ڏسُ پتو. اهڃاڻ. قطار. لانڍ. اڏامندڙ پکين جي قطار. ولر (پکين جو).

پَرو ٻڌڻ: لانڍ ڪري بيهڻ.

پَروپاند: ذ. مُنڍ ۽ ڇيڙو. ڏس پتو.

پَرواز: ذ (ف) اڏامڻ جي حالت– اُڏامَ.

پَروانو: ذ (ف. پروانہ) لکيل اجازت نامو. منظوريءَ جي سَنَدَ. هٿيار جو ليسن. اُڏامندڙ جيت جو هڪ قسم– پتنگ. (مجازا). عاشق.

پَرواهَ: ث (ف) خواهش. گهرج. غرض– ڪاڻِ. لحاظ. فڪر– ڳڻتي.

پروپئگنڊا: ث (انگ) پرچار– مشهوري.

پَرُوجَهَڻُ: م. پروڙڻ.
پَرَوَرَ: ص (ف) پرورش ڪندڙ- پاليندڙ. پالڻهار.
پَرَوَرِدگارُ: ص (ف) پا'لڻهار. ڌڻي تعاليٰ.
پَرَوَرَدَهَ: ص (ف) پاليل- نپايل.
پَرَوَرِش: ث (ف) پالنا. تربيت.
پَرُوڙَ: ث. پُرجهہ. پرکَ. ڄاڻ. سمجهہ.
پَرُوڙَڻُ: م. پُرجهڻ. پرکڻ. سمجهڻ. ڄاڻڻ.
پروسَڻُ: م. وڌائڻ (ماني). ورهڻ (ٿالهين ۾ کاڌو).
پُروفُ: ذ (انگ) ثابتي. ڇپائي لاءِ ڪمپوز ٿيل مواد جو پهريون رف ڇاپو.
پروفيَسرُ: ذ (انگ) ڪاليج جو اُستاد. اعليٰ تعليمي اداري جو اُستاد. ڪنهن به مضمون جو ماهر استاد.
پروگرامُ: ذ (انگ) ڪنهن ڪم لاءِ وقت جي مقرري. ڪمن جي رٿا جو سلسلو ۽ ترتيب.
پرولي: ث. ڪنهن به شيءِ بابت لفظن ۾ لکل اهڃاڻ. ڳجهي ڳالهہ. ڳجهارت.
پَرُون، پَرُوڻَ: ذ. اهڃاڻ آثار. اڻ محسوس طريقي سان اڳواٽ احساس (پَرون يا پَروڻ پيا اٿس).
پَرُوڻُ: ذ. پَرُڻُ.
پروهِتُ: ذ (سن) ڌرمي رسمن لاءِ مقرر ڪيل- خانداني برهمڻ.
پَرويشَ: ث. رسم رواج. هلي چلي.
پَروين: ث (ف) ڪَتيُون (نکٽ)- ثُريا.
پَرهَ، پرهہَ: ث. اَسُر جو سُهائي وارو وقت- صبح جي اچاڻ. وڏو صبح- ڏَکِي.
پرهَ ڦٽي: ث. وڏو صبح. فجر- ڏَکِي. پريات.
پُرهہُ: ذ (سن. پُرش) ماڻهوءَ جي قد جيتري ماپ. پيرن کان وٺي ماڻهوءَ جي قد کان مٿي جنهن اوچائيءَ تي هٿ پهچي (کوهہ جي ماپ يا پاڻيءَ جي اُونهائي ماپڻ جو مِيار).
پَرهَڻُ: م. ٻهرڻ- اوڍڻ. (ذ) پوشاڪ- وڳو.
پَرهيزَ: ث (ف) منع ڪيل شيءِ يا عمل کان پاسو. ڪري- رک. پردو (تاريءَ کان).
پَرهيزگار: ص. بُراين کان بچيل. متقي- زاهد.
پري: ظ. ڏُور- ڏُور. وٿيرڪو. پرانهون. جدا- الڳ.
پَري: ث (ف) هڪ خيالي عورت (جنهن کي ٻانهُن تي پَرَ ٿين. تمام حسين ۽ عام طرح لوڪ ڪهاڻين ۾ نيڪيءَ جو ڪردار)- اپڇرا. تمام سُهڻي عورت.
پَري پيڪرَ: ث. پريءَ جهڙي صورت.
پُري: ث (ف. پُور) نسل- پيڙهي. اولاد. (سن) شهر. ڳوٺ.
پَريا: ذ. آڇا وارَ.
پَريا پڌرا ٿيڻ: عيب ثواب ظاهر ٿيڻ.
پَرياڻُ: ذ. پَهرُ- ارادو. نشان- اهڃاڻ.
پرياءُ: ذ. پرياڻ. پاڇو- پرتوو- پرڪارَ.
پريت: ث (سن) پيار- نينهن. سِڪَ. قُرب.
پريتمُ: ص. نهايت پيارو. پرين.
پَريتڙو: ذ. پرينءَ جو ناتو. پيار. عشق.
پرَيتُ: ذ. ڌوبي- کٽي.
پريزيڊنٽ: ذ (انگ) صدر. مکيہ اڳواڻ. ملڪ جو آئيني سَربراهُ.
پَريشان، پريشاڻ: ص (ف) پکڙيل- ڇڙوڇڙ- ٽڙيل پکڙيل. بي ترتيب. حيران. گهبرايل. وائڙو.
پَريشاني: ث (ف) ڳڻتي. مُونجهہ. گهبراهٽ. حيراني. آزار- مصيبت.
پريمُ: ذ (سن) پيار- پريت- محبت. سِڪَ. حُبَ. چاهہ.
پريمي: ص. محبتي. عاشق. دوست.

پرين: ص (سن. پريہ) پيارو. محبوب. معشوق. محبت وارو. دل گهريو.
پَريندي: ظ. پَريان ٿي- ڏُريان ٿي- شروع کان ٿي.
پَرينهَن: ذ. سيائي کان پوءِ وارو ڏينهن.
پَريو: ذ. آڇو وارُ (عموما جمع ۾ ڪم ايندڙ "پَريا").
(ص) اڇن وارن وارو- پوڙهو.
پَريو مُڙسُ: ذ. وڏيءَ عمر وارو ماڻهو. بزرگ. چڱو مڙس (راڄ جو).
پريوگُ: ذ (سن) ميلاپ. علم نحو موجب فعل جي لاڳاپيل صورت (پريوگ جا ٽي قسم: ڪرتري، ڪرمڻي، ڀاوي).
پَڙُ: ذ. مزار يا قبر تي چاڙهڻ لاءِ چادر يا ڪپڙو.
پَڙُ باسڻ: مراد پوري ٿيڻ تي مزار تي پَڙُ چاڙهڻ جي نيت ڪرڻ.
پِڙُ: ذ. گولائيءَ ۾ زمين ٽُڪر (ملاکڙي، تماشي يا راندين لاءِ). ڪڪڙن جي ويڙهہ لاءِ دائرو. نارُ، هُرلي يا گهاٽي ۾ وهندڙ وهٽ جي ڦرڻ وارو گول. وَلِ ڳاهڻ واري گهڙيل زمين. چنڊ جو پِڙُ. ميدان. لڙائي جو ميدان. عاشورن ۾ ماتم وارو هنڌ ۽ ماتمي جلوس. جُوٽا ۾ داءُ لڳائڻ واري پِڙي.
پِڙُ پالهو ڪرڻ: ميدان صاف ڪرڻ. سَڃَ ڪرڻ.
پِڙُ ڪڍي بيهڻ: صفا انڪار ڪرڻ. نابري وارڻ.
پُڙُ: ذ. تَهہُ. رليءَ جو مٿيون هيٺيون تهہ. مانيءَ جو تَهہُ. جنڊ جو مٿيون پُڙ. ساهميءَ جو هڪ پاسو. ڍَڪُ (ٿانءَ يا پيتيءَ جو).
پَڙاڏو: ذ. ڪنهن آواز، سَڏَ يا ڳالهائڻ جي ساڳيءَ صورت ۾ گونجدار موٽ. پڙلاءُ- گونج.
پَڙاڏو پوڻ: هُل هلڻ. مشهوري ٿيڻ.
پَڙباٽ: ث. ٻٽاڪ- ڊاڙ- لباڙ.
پَڙ باٽي: ص. ڊاڙي- لباڙي.
پَڙتال، پَرتالَ: ث. پوک جي داڻ بندي- نمبر شماري. گهمي ڦري ڪيل چڪاس.
پَڙٿو: ذ. تلوار بازيءَ جو هڪ هنر- پلٽو.
پڙپَڻُ: م. حاصل ٿيڻ- پلئہ پوڻ.
پَڙجَچَ: ث. شاديءَ جي هڪ رسم (جنهن ۾ ڪنواريتا لئيون کڻي ڳوٺ جي ٻاهران اچي گهوٽيتن کي سامهاڻ ٿين ۽ رسم طور وڙهڻ لاءِ هوڪارين (جڻ تہ وڙهن ٿا).
پَڙچُ: ذ. تڏو. لوهي چادر.
پُڙدُ: ذ. تَهہُ- پُڙ.
پُڙدَ پڌرا ڪرڻ: عيب ثواب ظاهر ڪرڻ.
پَڙدو: ذ. پردو.
پَڙدِي: ثہ هڪ سِر جي اوساري واري پِٽ. ڪاٺ جي تختن واري اوٽ.
پَڙلاءُ: ذ. گونج، پڙاڏو. غوغاءُ.
پَڙڻُ: م. برابر ٿيڻ- مَٺ ٿيڻ. هڪ جيترو ٿيڻ (وزن ۾). پورو ٿيڻ (واعدو). وهنوار ٿيڻ (ڏيتي ليتي). حاصل ٿيڻ- پڙپڻ.
پُڙَڻُ: م. پڄڻ. اُپڙڻ- غالب پوڻ. تڪميل کي رسڻ.
پَڙو: ذ. چيلهہ کان ولي پيرن تائين ڍڪڻ جو خاص زنانو لباس (لسو يا چُرَيل، سماٽ عورتون سلوار مٽان اوڍين، ٿر ۾ زالون سُٿڻ ٻدران پڙو پائين، ڪڇ ۾ زالون ڳاڙهو پڙو پائين)- پيشگير.
پَڙو پڪيڙڻ: ويهي رهڻ. تعلقات وڌائڻ. گهٽڻ ڪمن ۾ هٿ وجهڻ.
پِڙو: ذ. شاديءَ ۾ گهوٽيتن طرفان ڪنوار لاءِ وناهہ جو سامان. ڏاجو.
پُڙو: ذ. وڏي پُڙي. ڪاغذ ۾ ويڙهيل وکرن جو پُڙو (خاص ڪري مٺائي سُرهاڻ وغيره جو). پيڙيءَ جي پنن

جو ڳنو. ڪمند، پاڄي يا تماڪ جي پوک ۾ فصل.

پَڙوالَ: ذ. اکين جي پلڪن اندر چاول وار (اکين جي هڪ بيماري).

پڙهائڻُ: م. تعليم ڏيڻ. سبق ڏيڻ. برغلائڻ. ڏتارڻ.

پڙهائي: ث. تعليم- سکيا.

پَڙهڻُ: م. تعليم وٺڻ. درس وٺڻ. مطالعو ڪرڻ.

پَڙهيل ڳڙهيل: ص. پڙهي پختو ٿيل. تعليم سان گڏ تربيت ورتل. آزمودگار.

پَڙهو: ذ. ڪنهن حڪم، هدايت يا واقعي بابت دهل وڄائي ڪيل اعلان- ڍنڍورو- منادي.

پَڙهو ڏيڻ: ڍنڍور ڏيڻ. وڏي واڪي سڀني کي ٻڌائڻ. ڳالهہ مشهور ڪرڻ.

پَڙهيا: ذ. اهي شيون جن تي ٽوٽا ٽيٽا يا ڪامڻ ڪيل هجن (ڌاڳا، ڦُلَ وغيره).

پَڙهيا وجهڻ: ڪامڻ ڪرڻ. ٽوڻن ٽيٽن واريون شيون ڪارائڻ يا پيارڻ.

پَڙي: ث. ننڍڙو پڙو. ايري ۾ ننڍڙي سٿڻ.

پِڙي: ث. مارڪيٽ يا بازار ۾ پَٽ تي شيون وڪڻڻ واري پاٿاري. گهوڙڻي جي بيٺڪ وارو مقرر هنڌ. مقرر پاٿاري.

پُڙي: ث. ننڍڙو پُڙو (وڪرن جو). دوا- سٿي.

پُڙي ڏيڻ: زهر جي پُڙي ڏيڻ (مارڻ لاءِ).

پَژمُردَه: ص (ف) ڪومايل. موڳو. غمگين. مايوس. ساڻو.

پِسُ: ذ. تازي وياڻل ڍڳي، مينهن، ٻڪريءَ جو وينڻ بعد پهرئين ڏينهن جو کِيرُ.

پِسُ ٿيڻ: رڌجي ڳري وڃڻ (ڪاڌو).

پَسارُ: ذ. دوا طور ڪم ايندڙ جڙيون ٻوٽيون (پن، گل وغيره). سَيرُ- گهومَ. چهل قدمي. هواخوري.

پَسارُ ڪرڻ: گهمڻ خاطر آهستي آهستي هلڻ- چهل قدمي ڪرڻ.

پَسارڻُ: م. پکيڙڻ- ڪنڌيرڻ. اُپٽار ڪرڻ. ٽنگون ڊگهيون ڪرڻ.

پَسارو: ذ. ڏيکاءُ- نظارو.

پَساري: ص. پسارڪو وکر وڪڻندڙ (دڪاندار).

پَساوڙو: ذ. پسارڪي وکر مان ٺهيل جُلاب.

پَساهُ: ذ. ساهہ- دم. ساهہ وارو حَسُ. چانورن رڌڻ جو هڪ طريقو- پَساءُ.

پساهہ ڪڍڻ: ساهہ ڪڍڻ- ٽڪڻ.

پَسائڻُ: م. ڏيکارڻ. نظارو ڪرائڻ.

پَستُ: ص (ف) هيٺ. جهڪيل- نميل. ڪِريل- نيچ. خسيس.

پَستي: ث. هيٺاهين. ڪريل درجو- تنزل. رذالت.

پُستُ: ث (ف. پوست) هڪ قسم جو ٻوٽو (جنهن جو ٻج 'کَسَ کَسَ' ۽ ڏوڏي جو رس 'آفيم' ٿئي)- گُل لالہ جو ٻوٽو.

پستا: ذ (ف) مشهور سڪل ميوو.

پستائي: ص. پستن مان ٺهيل (حلوو، مٺائي). پستن جي رنگ جهڙو هلڪو سائو (رنگ).

پستانُ: ذ (ف) ٿڃ- اُره.

پُستَڪُ: ذ (سن) ڪتاب. پوٿي.

پستولُ: ذ (انگ) تمنچو- تپاچو.

پُستي: ث (ف. پشت) ڪچي پٽ جي پاڙ کي گاري وغيره جي ٽيڪ. گهوڙي يا گڏهہ جي اِٽَ.

پُستيون هڻڻ: لتون هڻڻ. مستي ڪرڻ. ارڏايون ڪرڻ.

پَسپا: ص (ف) پويان پير. پوئتي (هٽڻ). پاڇَ ڪاٽل (مقابلي يا لڙائيءَ ۾).

پَسپائي؛ ٿ. ڀاڄ- شڪست.
پَس پيش؛ ظ (ف) اڳي پوءِ- آخرڪار- نيٺ.
پِسَرُ؛ ذ (ف) پُٽ- ٻيٽو.
پَسرائڻُ؛ م. پکيڙڻ- ڦهلائڻ (پاڻيٺ). پکيڙڻ.
چيڙائڻ- ريس ڏيارڻ.
پَسرڻُ؛ م. پکڙڻ (پاڻيٺ). ڦهلجڻ. پاڻيٺ جو ڪنهن جسم ۾ سرايت ڪرڻ (جيئن مسچڻ ۾ مَسُ، وَٽَ ۾ تيل، ڪپڙي ۾ پاڻي). وِگهرڻ (ذاتو). پوسرڻ (ڦٽ ڦرڙي). ڪُرَڻُ (زخم). ڪاوڙجڻ. وَهلور وجڻ.
پَسگِردائي؛ ٿ (ف) چوڌاري- آسپاس. ويجهي چَڪَ- تَرُ.
پَسماندهَ؛ ص (ف) پوئتي رهيل. پويان (اولاد، مائٽ). باقي رهيل. پٺتي پيل- غريب.
پَسَنْدِ، پَسنْدي؛ ٿ (ف) چاهت- وڻت. چُونڊِ- ڏونَ. مرضي- خواهش. رضامندي. (ص) وڻيل- چونڊيل.
پَسَنديدهَ؛ ص (ف) وڻيل- چونڊيل. قبول پيل. وڻڻ جوڳو. مرضي مطابق.
پَسَوَ؛ ذ. اهڃاڻ- نشانيون. شگون- آثار.
پَسَوَ پوڻ؛ اهڃاڻ لڳڻ. اڳواٽ نشانيون محسوس ٿيڻ.
پَسَڻُ؛ م. ڏسڻ. نهارڻ- جانچڻ. ديدار ڪرڻ.
پَسَڻُ؛ م. پڄڻُ (پاڻيءَ ۾). پاڻي پوڻ سان آلو ٿيڻ. آلودو ٿيڻ (گناهن ۾).
پَسُوري؛ ٿ (ف. پذيري) خصلت. نسلي اَڏَ- موروثي اثر. عادت.
پَسُوري پڌري ڪرڻ؛ اصليت ظاهر ڪرڻ. عيب اگهاڙا ڪرڻ.
پَسُون؛ ذ. تمام ننڍڙو ساهوارو. ننڍڙو جانور.
پِسي؛ ٿ. ڪنجهو (ذاتو). ڪنجهي جو ٽانءُ (تراڪڙي ننڍي وٽي).
پُسي؛ ٿ. ڪرڙ جا ڳاڙها گُلَ (ڏٽ طور رڌجن ڪاڇجن).
پَسينو؛ ذ (ف. پسينہ) پگهر.
پُشتِ؛ ٿ (ف) پُٺِ. پُٺِي. نسل- پيڙهي. ٽيڪ- حمايت.
پُشتِ پَناهُ؛ ص. مددگار- پرجهلو. حمايتي.
پَشتو، پَشتُو؛ ٿ. پٺاڻن يا پختونن جي ٻولي.
پُشپُ؛ ذ (سن) گُل- ڦُل.
پَشمَ؛ ٿ (ف) اُنَ (ڏونٺل ۽ صاف). ريشم- پَٽُ.
پَشمينو؛ ذ (ف) پشم يا اُن مان ٺهيل ڪپڙو.
پَشَوازُ، پيشوازُ؛ ذ (ف) ناچ ۾ پائڻ لاءِ خاص قسم جو جامو.
پشوري؛ ذ. ڪُڪڙ جو هڪ نسل (رنگ پيلو، قد ننڍو، ڪڙهون وڏيون، ويڙهہ ۾ پڪو).
پِشي؛ ٿ. پِلِي. پيشاب (ٻارڙي جو).
پشيمان؛ ص (ف) پڇتاءُ وارو. پڇتائيندڙ. افسوس ڪندڙ.
پشيماني؛ ٿ. پڇتاءُ- افسوس. ندامت.
پُڦاٽُ؛ ذ. پُڦيءَ جو پٽ. (ٿ. پُڦاٽِ).
پُڦڙُ؛ ذ. پُڦيءَ جو مڙس.
پُڦي؛ ٿ. پيءُ جي ڀيڻ.
پَڪَ؛ ٿ. پڪائي (وعدي، واپار ۾). خاطري- دلجاءِ. يقين- تصديق.
پِڪَ؛ ٿ. وات جو لعاب- ٿِڪِي- لَبُ. ٿُڪَ جو ذرو. ڏِڪ- سُرڪَ (شراب جي). پيالي جو پڇاڙيءَ وارو ڏِڪ.
پَڪا؛ ذ. ڪِرڙ جو پڪل ڦرُ (جي پڇي ڳاڙها ٿيا هجن).
پُڪارَ؛ ٿ. سڏ. آواز- صدا. هڪل. دانهن- فرياد.

رڙ- ڪُوڪَ.

ڀڪارَ ڪرڻ؛ شڪايت ڪرڻ. فرياد ڪرڻ- رپورٽ ڪرڻ.

ڀڪارڻُ. ڀڪارِڻَ؛ م. سڏڻ. هڪل ڪرڻ. دانهن- فرياد ڪرڻ. مدد لاءِ سڏڻ، هاءِ گهوڙا ڪرڻ.

پَڪائِي؛ ث. ڏاڍائي. پختگي. مضبوطي. ڏاهپ (خريد فروخت ۾). ڪفايت شماري. ڪنجوسي.

پَڪَ پَڪائِي؛ ث. خاطري ۽ تصديق.

پَڪريڙُ؛ ذ. ٽٽ ڦُرڙيءَ جي واڌ. ڀُوڻ، واريون ڦرڙيون. چِتو مَلو.

پَڪَڙ؛ ث. گرفت- قبضو. واڍڪي يا لوهارڪي ڪم جو اوزار- انبوري.

پَڪَڙَ پڇَاڙَ؛ ث. وٺ پڪڙ. ڳولاڦولا. تفتيش.

پَڪِڙَڻُ؛ م. جهلڻ- وٺڻ (هٿن سان). قابو ڪرڻ (اوزار سان). سوگهو ڪرڻ. مضبوطيءَ سان جهلڻ. گرفتار ڪرڻ (ڏوهي). غلطي معلوم ڪرڻ.

پَڪَلُ؛ ص. تشي دانگيءَ وغيره تي پچايل (ماني). ٽاندن تي سيڪيل. رَسيل (ميوو). پچي ويل (ٽانوَ، سرون وغيره).

پَڪو؛ ذ. ڏاڍو پَٽ- سخت زمين. ڏاڍي زمين وارو علائقو. درياء ڪان پراهين زمين (جتي پاڻي پهچي نہ سگهي). جابلو علائقو. (ص) پڪل. سيڪيل. ڏاڍو- سخت. مضبوط- پختو. ثابت قدم (ارادي جو). اعتبار جوڳو. پڪيءَ عمر جو. ڪفايت شمار. ڪنجوس. ياد (سبق). پائدار (رنگ) (ث. پَڪي).

پڪو پختو؛ ص. ڏاڍو- مضبوط. اعتبار جوڳو. وڏيءَ عمر وارو.

پَڪوازَ؛ ث. ڊولڪ.

پَڪوانُ؛ ذ. گيهہ يا تيل ۾ تريل ميدي جي ماني.

پَڪوڙو؛ ذ. ٻيسڻ ۽ مصالحي مان گيهہ يا تيل ۾ تريل پورو.

پَڪِي؛ ث. پَڪ. خاطري. ونجهوٽي راند ۾ راند کٽڻ.

پڪي ڪرڻ؛ راند کٽيندي "پَڪي" جو لفظ ڏاڍيان چوڻ- پَڪي ڪرڻ.

پکُ؛ ذ (سن. پَکش) کنب. پَرُ (پکيءَ جو). قمري مهيني جو سهائو اونداهو اڌُ.

پکراجُ؛ ذ. اڇي يا زرد رنگ جو هيرو.

پکڙِاڻِي؛ ث. کنيراٽي (پکيءَ جي).

پکڙِجَڻُ؛ م. ٽڙي پکڙي وڃڻ. ڇڙوڇڙ ٿيڻ.

پکِڙَڻُ؛ م. ڇڙوڇڙ ٿيڻ- منتشر ٿيڻ. کِندرڻ. ڦهلجڻ (پَٽ تي). وڇائجڻ (هنڌ بسترو). واڌ ڪائڻ (جسم ۾).

پکِڻِ؛ ث. تمام گهڻا پکي- جنس پکي. مينهوڳي جي مند ۾ پيدا ٿيل اڇن پرن سان ننڍڙا اڏامندڙ جيت (بيشمار ٿين ۽ رات جو روشنيءَ تي مڙن).

پکو؛ ذ. ڪانن مان ٺهيل پٽر. پکن مان اڏيل اجهو. ويڙهو.

پکو؛ ذ. ڀاڱو- حصو. گهڻن ماڻهن مان ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي ڪُٽي جي ذريعي چوند. ڀاڱ- قسمت.

پکِي؛ ذ. پکن يا کنبن وارو اڏامندڙ ساهوارو- پرندو.

پکِي؛ ث. ننڍڙو پکو (جُهڳي اڏڻ لاءِ). هَرن کان رهجي ويل زمين جو ٻارو.

پکيڙ؛ ث. وڌاءُ- ڦهلاءُ. واڌ (ٻوٽي يا وڻ جي). ايراضيءَ جي پيمائش (ڊيگهہ ويڪر جي ضرب اُپت)- ايراضي.

پکيڙَڻُ؛ ڇڙوڇڙ ڪرڻ- مُنتشر ڪرڻ. کنڊيرڻ (شيون). وڌائڻ (ڪم). هُلائڻ (افواه، ڳالهہ). وڇائڻ (هنڌ بسترو). سندرڻ (مٽي).

پڳَ: ٿ. پٽڪو. گهر جي وڏي يا راڄ جي چڱي مڙس کي ٻڌايل پٽڪو. ڪوهه جي منهن تي زمين جي سنوت ڪان ٿورو مٿيري ٻڌل پٽ.

پڳ ٻڌڻ: اڳواڻي جي ذميداري سنڀالڻ. ڪٽڻ ڪمن سبب بدنام ٿيڻ.

پڳُ: ذ. پيرُ– قدم.

پڳي: ص. پيرو ڪڍندڙ– پيري.

پڳدارُ: ص. پڳ ٻڌل چڱو مڙس (راڄ يا قوم جو).

پڳڙُ: ذ. وڏي پڳ– وڏو پٽڪو.

پڳڙي: ٿ. ننڍي پڳ. خاص قسم جي اچي ٽوپي جيڪا واڻيا مٿي تي پائين.

پڳڙيون: ٿ. هندن ۾ فوتيءَ جي ٽئين ڏينهن فوتيءَ جي وارث کي پڳڙي ٻڌائڻ جي رسم.

پڳڙيون ٿيڻ: نقصان وارو ڪم ٿيڻ. عزت ۽ مال برباد ٿيڻ.

پڳ مَٽ (ياري): ٿ. تمام گهاٽي دوستي.

پڳَ وَرُ: ذ. مٿي ۾ وارن جي گهنڊي (جيڪا بخت جي نشاني آهي).

پڳهُ: ذ. ٻيڙيءَ کي ڪناري سان ٻڌڻ جو رسو.

پڳهَڻُ: م. ٻيڙيءَ کي رسي سان ڪَپ تي ڪُٽل مُنيءَ سان ٻڌڻ. لنگر هڻڻ. ٻَڌڻ– قابو ڪرڻ.

پڳهارُ، پڳهارَ: ذ. ٿ. ملازم کي هر مهيني جو مقرر اجورو. ماهياني اجرت– تنخواه.

پڳهارَڻُ: م. رِجائڻ (گيهه، مکڻ). ڳارڻ (ڏاتو، برف). رجائڻ.

پڳهَرُ: ذ. گرمي، محنت يا دهشت کان جسم مان نڪتل پاڻي– پَسينو.

پڳهر ڻارڻ: ساهي کڻڻ. ٿورو آرام ڪرڻ.

پڳهرائڻُ: م. پڳهارڻ. سخت محنت ڪرائڻ (جنهن ۾ پڳهر نڪري). هلاڪ ڪرڻ.

پڳهرَڻُ: م. رِجڻ (گيهه، مکڻ، جميل پاڻيٺ). ڳرڻ (ڏاتو). پڳهرجڻ.

پَلَ: ٿ. جَهلَ– روڪ– منع.

پَلُ: ذ (سن) وقت جو ننڍي ۾ ننڍو ماڻ. اک ڇنڀڻ جيترو عرصو. پلڪ. گهڙيءَ جو سٺون حصو (٦٠ پل= هڪ گهڙي). ڪِنَ– ساعت. آن رکڻ لاءِ وڏي پَلي. صاف تڏو جنهن تي شادي مُرادي ۾ پَٽ ڏڳ ڪري رکجي. تلاءُ. ننڍو واهه– ڪڙيو. ٻنيءَ کي پاڻي رسائڻ واري ڪَسِي– اڏ.

پُلُ: ٿ (ف) ڪنهن وهڪري مٿان اُڪرڻ لاءِ موري– ٺُڙ.

پَلالُ: ذ. سارين جا سُڪل تِيلا.

پَلاندُ: ذ. ڪپڙي جي ڪِناري. پَلئُ– پاند. دامن– جهولي. ٻئي جي ذمي رهيل حساب (جنهن جو بدلو يا عيوض وٺجي).

پَلاند وجهڻ: جهولي جهلڻ– سوال ڪرڻ. آزي ڪرڻ. منت ڪرڻ

پَلاڻُ: ذ (ف. پالان) چڙهيءَ وقت گڏهه يا اُٺ جي پٺيءَ تي رکيل ٿيڙ.

پَلاڻَڻُ: م. سنجڻ (وهٽ کي). مسافريءَ تي وڃڻ جي تياري ڪرڻ.

پُلاءُ، پُلاءَ: ذ (ف) رڌل چانورن جو هڪ نمونو. مصالحا وجهي رڌل چانور. گوشت، مڇي، پلي وغيره سان گڏ رڌل چانور (پلاءُ گهڻن قسمن جو ٿئي).

پلاهَ پچائڻ: اجايا پهه پچائڻ. وڏيون رٿون رٿڻ. خيالي منصوبا ٺاهڻ.

پَلتارَ: ٿ. چڙڪسي. مصيبت. پِچا.

پَلٽو: ذ. تلوار بازي.

پَلِتِي: ث. گوڏا پيجي ويهڻ جو هڪ نمونو. جوٽون پيجي ويهڻ واري سِٽاءِ.

پَلِتائِڻُ: م. پاڻي يا ڪنهن ٻيءَ پاڻيٺ کي اوتڻ. ڳريل ڌاتوءَ کي سانچي ۾ وجهڻ.

پَلِتِجَڻُ: م. اُٿلڻ. هارجڻ (پاڻي). سانچي ۾ پوڻ (ڳريل ڌاتو).

پَلِتِجي پوڻ: اُٿلي پوڻ (پاڻي، ماڻهو).

پَلِٽَڻَ: ث (انگ) پيادي فوج جو دستو. فوج- لشڪر.

پَلِٽَڻُ: م. دلي يا ڪنهن ٻئي ڀريل ٿانءَ مان پاڻي اوتڻ.

پَلِٽو: ذ. اُٿل. موٽ. ڦيرو. ڳائڻ ۾ سُرن جي خاص ادائگي (جنهن ۾ سُرن کي مختلف انداز سان هيٺ مٿي، ٻيٽو چؤڻو ڪري ادا ڪجي)- سُرن جي اُٿل پٿل واري هنرمندي.

پَلِٽو ڪائڻ: اُٿل ڪائڻ- موٽ ڪائڻ.

پَلپَل: ظ. گهڙيءَ گهڙيءَ- هَر هر.

پَلجَڻُ: م. نِپجڻ- تاتِجڻ.

پَلڙُ: ذ. برسات جو پاڻي (۽ ان جو تلاءُ).

پَلڙو: ذ. ٻير جي ٻجن جي ڦري.

پَلستَرُ: ذ (انگ) ليپو- راڳو. دوا جو ليپ (زخم تي ٻڌڻ لاءِ).

پُلصَراطُ: ث. مسلمانن جي عقيدي موجب دوزخ جي مٿان تهيل پُل (جنهن تان نيڪ ماڻهو اُڪري بهشت ۾ ويندا).

پَلڪُ. پَلڪُ: ذ (ف) اک جي ڇپَر وارا وار. ٿورڙو وقت. لحظو.

پَلڪارَ: ث (ف. پرگار) جاميٽريءَ جو هڪ اوزار (ماپ ڪرڻ يا گول ڪڍڻ لاءِ).

پَلنگُ: ذ. وڏي کٽ. ڇپر کٽ. (ف) چيتو.

پَلڻُ. پَلِڻُ: م (سن. پَل) پري ڪرڻ- هٽائڻ- ٽارڻ. روڪڻ- جهلڻ. ڇڏڻ (عادت). پُوري ڪرڻ (ٻاڙ، عادت).

پَلو: ذ. سنڌو درياءَ جي هڪ مشهور مڇي. جنهن جو خاص نالو 'پلو' ۽ جنهن کي مڇي نه سڏبو.

پَلونگڙو: ذ. ڪُتيءَ جو ٻچو.

پَلويڙو: ذ. گهر جي ٻاهرين پٽ. وڏي پٽ- عالم پناه. دروازي جي آڏو ڏنل پِٽ (جيئن سامهون در مان گهر ۾ نظر نه پوي). ڪُڏ جي چؤڌاري آيل ننڍي پٽ. پرهيز وارين سوارين لاءِ گاڏيءَ جي ٻاهران ٻڌل پڙدو.

پُلهائو: ذ. ٻارڙي کي پيار ڪرڻ يا وندرائڻ جو گيت. ٻارڙن جي ساراه ۽ ڪين دعا جو گيت (ڪنهن خاص موقعي تي). ٻارن جي سائن سوڻن وقت زالن جا چيل ٻول.

پَلئُ: ذ. چادر، پوتيءَ وغيره جو دامن. ڪپڙي جي ڪِنارَ. پلاند- جهولي- دامن. اُئيل ٿانُ (ڪورڪو اصطلاح)، بدلو.

پَلئُ اَٽِڪائڻ: تعلق رکڻ. پاڻ اڙائڻ.

پَلئُ جَهلڻ: جهولي جهلڻ- دامن جهلڻ. فرياد ڪرڻ. دعا گهرڻ.

پَلئُ ڏيڻ: بدلو ڏيڻ. وهنوار ڏيڻ. لاشُن تي اچڻ وقت گهوٽ کي سندس پيڻ يا ماءُ جو پَلءُ ڏيڻ.

پَلِي: ث. اَنُ رکڻ لاءِ ڳُنديءَ وانگر مگر ڇوٽيدار اڏاوت. مٽرن جي وَلِ. چِٽَنُ ۽ مٽرن جا ڳوُنج (سُڪائي ياڄي وانگر ڪم آڻجن).

پَليتُ: ذ (ف. پليد) ناپاڪ- نجس.

پَليتي پَليتائِي: ث. ناپاڪائي- نجاست.

پَلِيتو: ذ (ف) ڪپهه يا ڪپڙي جي وَٽِ. ڏِيي جي وَٽِ. وٽيل ڪاغذ يا ڪپڙي جي ڏوري. دعا منتر وغيره لکيل ڪاغذ (جيڪو سوَڻ لاءِ ساڙجي).

پَليٽڻُ؛ ذ. سُڪل اٽو جيڪو ماني پچائڻ وقت اٽي جي چاڻي سان ملائجي– اَٽڻُ.

پليٽَ؛ ث (انگ) ٿالهي– رڪيبي. وڏي ٿالهي (چيني يا شيشي جي).

پليٽ فارَم؛ ذ (انگ) اُوچائيءَ تي ٺهيل چَبُوترو (تقرير وغيره لاءِ). ريل گاڏيءَ ۾ چڙهڻ لاءِ اسٽيشن جو ٿلهو.

پليگَ؛ ث (انگ) وچڙندڙ بيماري. وبا– طاعون.

پَمپُ؛ ذ (انگ) لوهي نَلُ. زمين مان پاڻي ڇڪي ڪڍڻ لاءِ هٿ سان هلائڻ جو نَلُ. (ٽيوب ۾) هوا ڀرڻ لاءِ پچڪاريءَ جهڙو اوزار.

پَن؛ ث. گاهه جو هڪ قسم (بيٺل پاڻيءَ ۾ اُپڙي، بوٽن مان تڏا ٽوڪريون پکا وغيره ٺهن. سنگن مان بُوراني ٺهي).

پنُ؛ ذ. پَتو (وڻ بُوٽي وغيره جو). پنڪڙي (گل جي). لج پت– اَمانُ.

پَنُ رکڻ؛ ڍَڪ ڍڪڻ– پردو رکڻ.

پِنَ؛ ث. گدا– ڀيکَ– خيرات. (انگ) ٽاچڻي.

پِنَ مَنگَ؛ ث. گداگري.

پَنُ؛ ذ. پنوڙو (ڳوهيل مٽيءَ جو). چاڻو (مکڻ جو).

پُنُ؛ ذ (سن) خير جو ڪم– ٻڄ. دانُ.

پَنارو؛ ذ. پناه وارو هند. اَمانُ واري جاءِ.

پَناري پوڻ؛ سامَ پوڻ. لڙهه لڳڻ.

پَناهَ؛ ث (ف) اَمانَ– اَجهو. بچاءَ– حفاظت. آڏ– جَهلَ. پردو– ڍَڪُ.

پَناهگيرُ؛ ص. اَجهو وٺندڙ. ڪنهن لڏي آيل ۽ پناه وٺندڙ.

پِنائڻُ؛ م. گدائي ڪرائڻ– ڀيکَ وٺائڻ. (ڦري) فقير ڪرڻ. رُلائڻ. دربدر ڪرڻ. سيڪت ڏيڻ.

پَنبڪڻُ؛ م. خوش ٿيڻ. خوشيءَ مان ٻانهون اُڇلڻ. وڻائي ڪرڻ.

پَنبُڙ (ذ)، پَنبِڙي (ث)؛ ڇپر (اک جو)– پنجهُرُ. پَلڪُ.

پَنبو؛ ذ. ڪنهن ٻه جنس جو سُنو اَنُ. خالص ڪٽڪ. ڪڻڪ جو ٻُهو. ڪَڪڙو.

پَنٿُ؛ ذ (سن. پَٿ) واٽ– رستو. هندن جو ڌرمي فرقو. ڌرمي مَتو.

پَنجَ؛ ذ. هڪ عدد (٥).

پنجَ اَرڪانَ؛ ذ. مسلمانن جا پنج مذهبي فرض (ڪلمو، نماز، روزو، زڪواة ۽ حج).

پَنجَ تَتَ؛ ذ. پنج عناصر (هوا، باهه، پاڻي، مِٽي ۽ آڪاس).

پَنج نُور؛ ذ. پنجن قسمن جي نشيدار شين جو مجموعو. نغارن يا نوبت جي وڄت.

پَنجَ سَنجِي؛ ث. گهوڙي کي سينگارڻ لاءِ سونَ يا چانديءَ جا پنج سنج (سينابند، جهابي سان طوق، ڳاني، مُڇي ۽ دُنبچي).

پَنجَ ڪَٽِي؛ ث. پنجن قسمن جو اَنُ يا اناج جا ٽورا دائا (جيڪي خيرات ۾ در در تان ملن).

پَنج ڪَلياڻُ؛ ذ. اهو گهوڙو جنهن جا چارئي سُنبَ ۽ مُنهن وارو ٽڪو اڇا هجن– سهڻو گهوڙو.

پنجابُ؛ ذ. پاڪستان جو هڪ صوبو.

پنجابِي؛ ث. پنجاب جي ٻولي. (ص) پنجاب جو رهاڪو.

پَنجو؛ ذ (ف) هَٿ پير جو آڱرين وارو حصو– چَنبو.

پَنجوڙُ؛ ذ. جهنگلي جانورن جي ڦاسائڻ لاءِ مَڇَ يا ڪاٻار جو جارُ.

پَنجوڙِي؛ ث. جانور جي پير کي ٻڌڻ لاءِ رسو يا چمڙ جي وَڌِي.

پَنجيري؛ ث. ڏاٿن، اٽي، گيهه، کنڊ ۽ مغزيات مان

ٺهيل خوراڪ- پوڳهَڙو.

پَنچُ، پَينچُ؛ ذ (سن) هندن جي پنچات جو هڪ رڪن.

پَنچاتَ، پَينچاتِ؛ ث. پنجن ڄڻن جي جماعت (جا هندن جا نياء ڪري). پاٿيچاري.

پَنچَرُ؛ ذ (انگ) ٽُنگ- سوراخ.

پَنچَرِي؛ ث. بيلي ۾ چوپائي مال چَرڻ جو محصول.

پَندِ، پَندَ؛ ث (ف) نصيحت.

پِندارُ؛ ذ (ف) خيال- ويچار. سوچ. راءِ. هَٺُ- غرور. تَڪبُر.

پَنڌُ؛ ذ (سن. پنٿ) رستو- واٽَ- گس. مفاصلو. هلڻي- چال. (ظ) پيادو.

پَنڌُ پُڇڻ؛ پار پتو پڇڻ. ڳولا ڦولا ڪرڻ.

پَنڌُ ڪرڻ؛ وري وري اچڻ وڃڻ (ڪم يا غرض لاءِ). گهڻو هلڻ.

پِنڊِ؛ ض. پاڻ- خود.

پِنڊُ؛ ذ. جسم- بُت.

پِنڊُ پَهَڻُ؛ ذ. پٿر ٿي ويل جسم (جيڪو هزارين سال پاڻي ۾ رهڻ ڪري ٿيندو آهي).

پَنڊِتُ؛ ذ (سن) ودياوان. پڙهيل برهمڻ. جوتشي. ڌرمي قانون ڄاڻندڙ. عقلمند- ڏاهو.

پِنڊِ کجُورَ؛ ث. جهنگلي ڪجور جو وڻ.

پِنڊو؛ ذ. جسم- بُت. ڪجيءَ جي ڦڙهن يا ڦيشَ مان ٺهيل وڏو ڇڄو (ڪجور ۽ تماڪ رکڻ لاءِ).

پِنڊِي؛ ث. ڪڻڪ جي ناڙي مان ٺهيل ٿالهي (مانين رکڻ لاءِ)- ڏَبِڪي.

پَنڙا؛ ذ. ڪَنن ۾ پائڻ جا ڳهڻَ.

پِنڪِي؛ ث. جهُوٽو (ننڊ جو). نشي جي حالت ۾ ننڊ جو خمار. اوجهرائي.

پِنڪيُون ڪائڻ؛ اوجهرائيون ڪائڻ. ڳٽيون کائڻ.

پَنِڪو؛ ذ. وِنجڻو- پکو.

پِنگَ؛ ث. ڇِڊي رٻَ.

پَنگتَ؛ ث (سن) عام ماڻهو. جماعت- سماج.

پَنگِرجَڻُ؛ م. پَسرجڻ- ڪاوڙجڻ (حسد مان).

پِنگِلو؛ ص. منڊو. معذور. ڏاٽي پاسي واري هڪ ٽنگ ۽ ٻانهن کان معذور ماڻهو.

پِنگهوڙو؛ ذ. پينگهو.

پِنَڻُ؛ م. ڀيک وٺڻ- گدائي ڪرڻ. منگڻ- گهرڻ (خيرات، دعا، سوال). هٿ ٽنگڻ. در در سوال ڪرڻ.

پِنڻو؛ ص. پينُو فقير. منگتو. سوالي. (ث. پِنڻِي).

پَنو؛ ذ. ڪاغذ. ورق. تَهُ (زمين جو) زمين جو ڪاتو. ويکر- برُ (ڪپڙي جو). ساٺي رنگ جو هيرو- زمرد.

پُنو؛ نسل. پڳو. پورو ٿيو. پهتو- رسيو. (ث. پُني).

پِنوڙو؛ ذ. مِٽي، اٽي وغيره جو چاٺو. وڏو پِتَرُ. ڳنڊيو (آلي مِٽيءَ جو).

پِنهان؛ ص (ف) لڪل- ڳجهو- مخفي.

پَنهَنجو؛ ض. منهنجو- اسان جو. عزيز- مائٽ. ذاتي- شخصي (ث. پنهنجي).

پَنهجاتِ، پَنهنجائِتِ، پَنهنجائِي؛ ث. مائٽي- عزازت. ڀائيچاري- برادري.

پَنهنجو پَرايو؛ ذ. دوست توڙي دشمن. مائٽ توڙي ڌاريو.

پَنهَوارُ، پَنوَهارُ؛ ذ. جنهن وٽ ٻڪرين جو ڌڻ هجي. ٻڪريون چاريندڙ. ٻڪرار.

پُنهُون؛ ذ. مشهور عشقيه قصي "سسئي- پُنهُون" جو ڪردار. (ص) پيارو- محبوب.

پَني؛ ث. ٻُوٽي جا ڀريان ڳُونچ. قلعي جو ورق (عموما سگريٽ جي پاڪيٽ ۾ هوندو آهي). خاص قسم جو

روغني پنو.

پني: ث. گوڏي ۽ مُربي جي وچ واري گوشت جي مُشڪ. تارُونءَ تي چاڙهيل چيڙي. لُپري. اک جي ڇپر جو اندريون پاسو.

پنير: ذ. هڪ پسارڪو وکر. کِيرُ يا پسُ مان ٺهيل هڪ ڪاٽو. سُڪل ڏونرو.

پَه، پَهُ: ظ. بہ- ۽. پر- ليڪن. اجان- وڌيڪ.

پُٺائڻُ: م. پچائڻ (ڪپهه). عيب ڳُڻائڻ. خوار ڪرڻ.

پڪڻُ: م. ٺورو روئڻ (ٻار). رسامي وارو روئڻ.

پُٺهاري: ث. ڪوهہ يا واهہ تان پاڻي ڀري ايندڙ عورت.

پَٺي: ث. مِٽي- خاڪ. ڌوڙ.

پُٺيني: ث. ڀهريون پيٽ- ڀهرئين پيٽ جو چاول ٻارُ. "جيني مينهن پُٺيني پُٺ ياڳين ملن".

پٺيو: ذ. هرڪُ (ڪپڙو).

پَوَت: ث. گهورَ (شاديءَ ۾ مگڻهار يا حجام کي ملبل). ناهہ- سلوڪ.

پوتُ: ذ. ننڍي پوتي. پوتڙو- ٿُوالُ.

پوتاميلُ: ذ. واپار ۾ جمع واصل جو ساليانو تفصيل.

پَوِتُرُ: ص (سن) پاڪ. صاف- بي داغ.

پوتڙو، پوتاڙو: ذ. ننڍڙي ٻار جي هيٺان رکڻ لاءِ ڪپڙو. گوڏ جو ڪپڙو. ٿُوالُ.

پوتي: ث (ع. فُوطہ). رئو- گندي. اوڍڻي.

پوتي پائڻ: بي همت ٿيڻ. بيڪار گهر ۾ ويهڻ.

پوتي وجهڻ: مگڻي يا پڌري جي رسم ۾ ڪنوار کي پوتي ڍڪائڻ.

پوٿي: ث. ڪتاب. هندن جو ڌرمي ڪتاب. ٽيپڻو.

پوٽاس: ذ (انگ) بارود ٺاهڻ ۾ ڪم ايندڙ مادو.

پوتڙي: ث. ڪپڙي جي ڳوٿري (ڪتابن وجهڻ لاءِ). ننڍڙي هڙ- ڳنڍڙي.

پوٽو: ذ. پُٽ جو پُٽ. (ث. پوٽي).

پُوٽو (پوٽرو): ذ. پَنُ. ٻوٽي جا ڳونچ.

پوٽيسُ: ذ. رڌل اٽي يا دوائن جو ليپُ (جيڪو ڦٽ ڦرڙي يا سُور واري هنڌ تي ٻڌجي).

پولو: ذ. سنئون سڌو ميدان. غيرآباد زمين.

پولو ڪرڻ: ميدان ڪرڻ. ويران ڪرڻ. ڪُٽائي ڇڏڻ.

پولي: ص. ٻار ڏيوئيندڙ (وهٽ)- لاڏو (اٺ). سهي وڃڻ لاءِ هيرايل.

پولي ڪرڻ: وَهُو ڪرڻ (جانور). مطيع يا فرمانبردار ڪرڻ (ماڻهو).

پُوپان: ث. نخريلي عورت.

پوپَٽُ: ذ. ڪنيزن وارو عام اُڏامندڙ جيت (رنگارنگي تمام سهڻو). پرت جو هڪ قسم.

پوپٽي: ث. پُتلي- گُڏي.

پوپَٽيون پڙهائڻ: مشڪل آزمائش ۾ هٿ وجهڻ. ڏکيو ڪم سرانجام ڪرڻ. سختيون ڏيئي عاجز ڪرڻ.

پوپري: ث. پُتلي- گُڏي (پتلين جي تماشي واري). اگرين يا اٽي مان ٺهيل بوتو (دوهہ ڪرڻ لاءِ). هڪ قسم جي مڇي.

پوپو: ذ. ڪاغذ جي ويڙهيل وَٽ. ڪاني جو ڳپ نڪتل ٽُڪر. نِم جا رڌل پَن (سوڄ واري هنڌ تي ٻڌڻ لاءِ). ٻگل ڀَنگ (جا تمام گهڻو نشو ڪري).

پُوڄ: ظ. جام- گهڻو- جهجهو. تمام گهڻو.

پُوڄا: ث (سن) پرستش (هندن ۾). مڃتا. بندگي.

پُوڄا پاٺ: ث. ڌرمي پرستش جي رسم.

پُوڄا ڏيڻ: سيڪت ڏيڻ.

پُوڄاري: ص. پوڄا ڪندڙ. معتقد. مڃتا وارو.

پُوڄڻُ، پُوڄڻُ: م. پوڄا ڪرڻ. ترمي ويساه موجب. مڃڻ.

پوڄاڙي، پوپاڙي: ث. وڃڻ جي مهل- نماشام. سج لهڻ کان اڳ وارو وقت.

پوچُ: ذ. نسل. اولاد. ٽهي- پيڙهي.

پُوچَ: ث. موتين پُوئڻ يا مُڙهت جو ڪم.

پوچو: ذ. پوچي. راڳو- ليپو. فرش صاف ڪرڻ جو ڪپڙو.

پُوچو: ص. جڏو- خراب. ڏنگو. ڪوجهو (ڪم).

پوچي: ث. چُن جو استر- سفيدي.

پوچاندو: ذ. پُڇڙي. ٽر ۾ پٺ جو پڇاڙيءَ وارو حصو. پُڇَ واري لانڍ.

پوڇڙُ: ذ. پڇ وارو حصو. پڇاڙي. ڇيڙو.

پورُ: ذ. خال. وڏو سوراخ (ڪاٺ ۾). ڪاٺيءَ تي اُڪريل چٽَ (جنهن سان ڪپڙو ڇُرجي)- ڇُرَ جو ٺپو. آڳر جي ٻن سنڌن جي وچ وارو حصو. ڪمند يا بانس جي ٻن سنڌن جي وچ وارو حصو. ڳري.

پُورُ: ذ. (سن) خيال- ويچار. پَهُ- ارادو. اُدمو. جهوري- ڳڻتي. لهر- موج (منَ جي). زور (جوانيءَ جو). اُرُ (وهڪري جو). چاڙهه (پاڻيءَ جو). ٻيڙيءَ جو هڪ گهمرو (اوراڙ يا پراڙ وڃڻ جو). پٽ تي سِرُنِ يا ڳاري جو هڪ دور. پراءِ جو پَنجهو. بياني ۾ هڪ ئي واري ۾ آيل ڏنگهر. لوڙهي تي ڏنگهرن جو هڪڙو دور. سِگَ (مينهن جو). شهر. ڳوٺ. وَسنُ- پُر (مثلا شڪارپور، دولت پور). (ف) پُٽ- بيٽو. (ص) پريل- تار- ٽُب.

پُورالو: ص. پُورن وارو- موجي. سودائي. (ث. پورالي).

پوراڻ: ث. ٽن سالن جي اُٺِ. جهور پوڙهي عورت.

پُوراڻو: ذ. ڪوٽ يا ڪمي جي پورت. تڪميل. سرانجامي.

پُوراڻي: ث. پوراڻو.

پُورَبُ: ذ (سن. پُورو) اوبر- اُيرندو- مشرق. اُيرندي جي هوا (جيڪا چوماسي ۾ لڳي). شاه جي رسالي جي هڪ سُر جو نالو.

پُورَتَ: ث. پوراڻو.

پُورِ پَٽ: ث. پورڻ ۽ پٽڻ (اکيون). اکيون ڇنڀڻ.

پُورِڄڻُ: م. بند ٿيڻ. ڍڪجڻ (ڪڏ ۾). دفن ٿيڻ.

پُورَنماسي: ث (سن) پورو چنڊ- چوڏهينءَ جو چنڊ. چوڏهين جي رات.

پُورَڻُ، پُورڻُ: م. ڪڏ ۾ وجهي مٿان مٽي وراڻڻ. لٽڻ (زمين ۾). دفن ڪرڻ. بند ڪرڻ (در). ڍڪڻ (مال). قيد ڪرڻ. ٻُوٽڻ (اکيون). هلڻ- پند پوڻ. هاڪارڻ (ٻيڙي).

پورو: ص. اندران خالي. (ضد. ٺهرو).

پُورو: ص. سڄو- ثابت. سالم- مڪمل. سارو- سڀ. درست- ٺيڪ. ٺهڪيل- ڪُپ. ضرورت آهر. سُهائيندو- موافق. مناسب- جوڳو. رُذل (ڪم ۾). ختم. چٽ- ناس. (ث. پُوري).

پورو پُنو: ص. مناسب. گهرج آهر. معتدل.

پورو ڪرڻ: مڪمل ڪرڻ. ختم ڪرڻ. ماري ڇڏڻ.

پُوريون ڪرڻ: سڀ طرح ڪوششون ڪرڻ. سڀ حيلا هلائڻ.

پورهيَتُ: ص. پورهيو ڪندڙ- ڪاسبي. محنت مزوري ڪندڙ.

پورهيو: ذ. محنت مزوري. ڪسب. ڪشالو.

پورهيو ڪارهيو: ذ. ڪم ڪار. ڌنڌو ڌاڙي.

محنت مزوري.

پُوري، ث. گيهه يا تيل ۾ تريل ميدي جو ڦلڪو.

پُوريا، ث. هڪ راڳڻي جو نالو.

پوڙهپڻُ، ذ. وڏي عمر- پيري.

پوڙهو، ص. وڏيءَ عمر جو پيرسن- ٻڍو. (ث. پوڙهي).

پوڙهو پڪو، ذ. وڏيءَ عمر جو ۽ جهانديدو. (پوڙهي پڪي).

ٻوڙي، ث. ڏاڪو. ڏاڪڻ جو هڪ ڏاڪو.

پُوزُ، ذ (ف) ٻوٿ- واتُ (گهوڙي جو).

پُوز بند ڪرڻ، سرڪش گهوڙي جو ٻوٿ رسي سان ٻڌڻ.

پُوزي، ث (ف) لغام سان گڏ نوڙي يا وڌي جيڪا گهوڙي جي وات مٿان اچي.

پُوزيون هڻڻ، هشڪارون ڪرڻ. ٻٽاڪون هڻڻ. خرمستي ڪرڻ.

پوزيشن، ث (انگ) حيثيت. درجو. حالت.

پوست، ث (ف) چمڙي- کَلَ.

پوستين، ث (ف) کَل مان ٺهيل ڪوٽ.

پوسٽ، ث (انگ) خط- چٺي. عهدو.

پوسٽرُ، ذ (انگ) وڏي ڪاغذ تي ڇپيل اشتهار.

پوسرڻُ، م. ساڙو ٿيڻ (زخم يا ڦٽ ۾). خارش ٿيڻ (ڦٽ ۾). جلڻ- ڪامڻ (اندر ۾). حسد ڪرڻ- خار کائڻ. بغض ۾ سڙڻ.

پوسَل، ث. آلي زمين (پاڻي، گهم يا سِمَ جي ڪري). پُسيل زمين. آلاڻ- نمي.

پوشُ، ذ (ف) پهرڻ جو ڪپڙو- لباس. ڍَڪ- غلاف. (ص) ڍڪيندڙ- پائيندڙ (چمڙاپوش، سفيدپوش وغيره).

پوشاڪَ، ث (ف) پائڻ جا ڪپڙا- لباس. وڳو.

پوش پوش، ندا. پاسي پاسي! پري پري! چتاءَ جو آواز (تہ پري ٿيو).

پوشيدگي، ث (ف) لڪَ. ڍڪيل هئڻ جي حالت. صفائي سُٺائي (ڪپڙي لٽي ۾).

پوشيدَه، ص (ف) لڪل- ڳجهو- مخفي. ڍڪيل. نفيس- نازڪ (عادتن ۽ ڪپڙي لٽي ۾).

پوکَ، ث. ٻج وجهڻ (ٻنيءَ ۾). ٻَني- فصل. کيتي.

پوکَ پوکڻُ، نيڪيءَ جو ڪم ڪرڻ. ڪنهن سان ڀلائيءَ جو قدم کڻڻ. نيڪ يا بد عمل ڪرڻ.

پوکڻُ، پوکڻُ، م. ٻج وجهڻ- ٻج ڇٽڻ. ڪنهن ۾ فصل، وَلِ، ٻوٽي، وڻ جو ٻج زمين ۾ وجهڻ. پوک ڪرڻ- فصل وجهڻ- ٻَني ڪرڻ.

پوکي، ث. پوک- فصل.

پوکي راهي، ث. پوک ۽ ان جي حفاظت لاءِ چوڌاري آيل واڙ. ٻني ٻارو. هلندي پڄندي- اثر رسوخ.

پولُ، ذ. ڪنهن بہ شيءِ جو پويون حصو- پولهہ. ڍُونگو. (انگ) ٿنڀو.

پول پڌرا ڪرڻ، راز ظاهر ڪرڻ- عيب کولڻ.

پولارُ، ذ. پورُ- خال. زمين ۽ آسمان جو درمياني حصو- خلا.

پولڙو، ذ. اُٽ، گڏه وغيره جو ليڏولو.

پولڙي، ث. رڍ ٻڪري جي ڦولڙي.

پُوليسَ، ث (انگ) امن امان رکندڙ سرڪاري عملو- سپاهَ.

پُوليس وارو، ذ. سپاهي.

پَوَنِ، (ث (سن) هوا- واءُ.

پَوَنِ چَڪي، ث. هوا جي زور تي هلندڙ جانڊه.

پُونجي، ث. اصل رقم- مُوڙي. ناڻو- سَرمايو.

پٽونچي، ث. هڪ ڳهه (ٻانهن ۾ ٻڌڻ لاءِ چانديءَ يا سونَ جي پٽي). ڪتي جو روايتي نالو.

پُونگ، ث. ننڍا ٻچا (جيتن، جانورن جا).

پُونگڙو، ذ. ڪتي يا ٻليءَ جو ٻچو.

پُونر، پُونو، ذ. چوڏهينءَ جو چنڊ.

پُوڻ، ث. ڦٽ ڦرڙيءَ جو ڳاڙو.

پُونڙو، ذ. پاڻيءَ جو جيت.

پونيَر، ذ. اولاد. نسل- پيڙهي.

پَوَڻُ، م. گهڙڻ- داخل ٿيڻ- اندر وڃڻ. ليٽڻ. ڍهڻ- ڪرڻ (مثال). اچڻ- نازل ٿيڻ.

پَوُلو، ذ. مُنو. اٽپورو.

پَوُلو پوڻ، ڪمزور ٿيڻ- هيڻو ٿيڻ. بيماريءَ ۾).

پُوڙي، ث. ڪپهه جو ٻڙو (جنهن مان سُٽ ڪتجي).

پوهه، ذ. سنبت سال جو هڪ مهينو.

پوهڻُ، م. چلهه جي تَرَ واري ڪوسي ڪرِ يا ڇارَ ۾ پچائڻ (بصر، انبڙي، واڱڻ، پٽاٽو وغيره).

پوءِ، ظ. بعد- پڇاڙا. بعد ۾. ٿورو دير سان. پويان. پڇاڙيءَ جو. آخرڪار- نيٺ.

پوءِ ڏائو، پوءِ ڏايو، ص. اهو ماڻهو جيڪو ابي ڏاڏي غريب هجي پر پاڻ اوچتو شاهوڪار ٿي وڃي (اهڙو ماڻهو طبيعت ۾ هلڪڙو، بدمزاج، ميٺي خور ۽ بي مروت ٿئي).

پوئلڳُ، ص. پيروي ڪندڙ- مقلد.

پوئواري، ث. سنڀال ۽ يادگيري. سارسنڀال- پرگهور.

پُوئڻُ، م. سوراخدار شيءِ ۾ ڌاڳو وجهڻ. وِنڊيل مٽين مٽڪن کي ڌاڳي ۾ ڳنڍڻ- ڳتڻ. ڪاغذن کي سلسلي ۾ رکڻ لاءِ سوراخ ڪري ڌاڳو وجهڻ.

پُوئو، ذ. ڪاج ۾ آيل ڄاڃين کان مليل رقم- پهتُ.

پويان، ظ. پٺيان. پٺ ۾. بعد- کان پوءِ. پٺ تي- پڇاڙيءَ ۾. پوئلڳ. ڳولائو- گهورو.

پويان پوڻ، پٺ وٺڻ- تعاقب ڪرڻ. پيڇو ڪرڻ. پٺيان لڳڻ.

پويون، ظ. پڇاڙيءَ وارو- آخري. پٺيون. گذريل (وقت).

پويون پَهرُ، ذ. رات جو پڇاڙيءَ وارو وقت- سحر- اسُر. عمر جو آخري وقت.

پَههُ، ذ. پَهو. پُور- خيال- ارادو. صلاح- رِٿ.

پَههَ پچائڻ، خيالي رٿون رٿڻ. منصوبا ٺاهڻ.

پَهاجَ، پَهاجَ، ث. ٻي عورت. مرس جي هڪ زال هوندي ٻي زال.

پَهاڙُ، ذ. جبل- ڪوهه- ڏونگر.

پَهاڙِي، ص. جبل جو- جبلي- جابلو. ڪوهستاني. (ث) هڪ راڳڻي.

پَهاڪو، ذ. ڪنهن خاص واقعي جو ٿورن لفظن ۾ اشارو (مثلا "جڏهن ڪڏهن سنڌڙي توکي" ڦنداران جوکو).

پُهائي، ث. پيڙهي- نسل.

پَهتُ، ذ. پُور- خيال. طريقو- دستور. مرڻي پرڻي ۾ مالي مدد طور ڏنل رقم.

پُهتلَ، ص. خدا رسيدو بزرگ. ولي الله.

پَهچَ، ث. رسائي- پهچندي- پُڄت. وس- طاقت. اختيار- دخل.

پَهچائڻ، م. رسائڻ. موڪلڻ. امائڻ.

پَهچَڻُ، م. رَسڻ- پُڄڻ. سهڙڻ (منزل تي). اچڻ (نڪالي تي). حاصل ٿيڻ.

پَهَرَ، ث. ماڻهو- شخص. پيهي (ٿر ۾ اونهاري ۾ رات جو سمهڻ يا ڪچهري ڪرڻ لاءِ). لوڙهو- واڙ.

پَهَرُ، ذ. ٽن ڪلاڪن عرصو (رات ڏينهن ۾ اٺ پهر

تين).

پَهراڻُ: ذ (ف. پيراهن) کُليل ٻانهُن ۽ ويڪري ٻگهي دامن وارو ڪڙتو.

پَهرائِڻُ: م. پارائڻ- ڍڪائڻ (وڳو، ڪپڙا). مال کي چرڻ لاءِ روانو ڪرڻ.

پَهرَڻُ: م. اوڍڻ- ڍڪڻ (ڪپڙا، لباس). پائڻ (زيور). مال جو جهنگ ۾ چرڻ لاءِ وڃڻ.

پَهرو: ذ. حفاظت- سنڀال- نگراني- چَونڪِي.

پهرو وِهارَڻُ: حفاظت لاءِ ماڻهو يا سپاهي مقرر ڪرڻ- چؤنڪي ڏيارڻ.

پَهريدارُ: ص. محافظ- رکوال- چؤنڪيدار.

پَهرُو: ذ. حلال جانور (ٻڪر، دُنبو، ڍڳو وغيره. جيڪو کهڻ لاءِ بيهارجي).

پَهَرِياتِ: ث. پهرئين پيٽ واري (ڳئون، مينهن وغيره). پهريون ييرو. وياڻل.

پَهرِيائِي، پَهرِين: ظ. شروع ۾- منڍ ۾.

پَهرِيون: ظ. اوائلي. ابتدائي- شروعاتي. اڳيون. مُنڍ وارو.

پَهسُ: ظ. اوچتو- اُمالڪ.

پَهلُو: ذ (ف) ٻانهَن- بازُو. پاسو (جسم جو ڪَڇ وارو). طرف- ڏسِ. ڏي- سَهارو.

پَهلُودار: ص. گهڻ پاسائون (مثلا: پنج پهلو. اٺ پهلو وغيره). گهڙيل پاسن وارو (تنگ يا ٻڙو). حمايتي- طرفدار.

پَهلِوانُ: ص (ف) بهادر- سورهيه. ملهه وڙهندڙ.

پهلواني: ث. بهادري- سورهيائي.

پَهنائِي: ث (ف) ويڪر. ٻَرُ. ڪشادگي- پکيڙ.

پَهڻُ: م. پَهه ڪرڻ. رِٿَ رٿڻ. (ذ) جبل جو پٿر.

پَهڻِي: ث. ننڍڙو پَهڻَ- پٿر.

پَهو: ذ. ڪپهه جو ٻڙو. دوا يا عطر مان ٻڏل ڪپهه جو ٻڙو. ڪپهه يا ڪپڙي جو تَههُ (ڦٽ ڦرڙي تي رکڻ لاءِ). اُٺيل اک تي رکڻ لاءِ دوا ۾ ٻڏل ڪپڙو. جهنگ يا ٻيلي جو ييچرو- چارو. کپ وارو گس. ڪوڏر ۽ کهاڙي جو پٽ وارو گول چلو (جنهن ۾ ڳن پوي).

پَها ٻڌَڻُ: دوا ڪرڻ. حيلا ڪرڻ.

پَهُون: ث. ريڊون ٻڪريون.

پَهِي: ص. واٽ وٺي هلندڙ- پانڌي. قاصد.

پَهيَڙو: ص. پَهِي.

پَٿا، پَٿان: ظ. پنيان. ڪان پوءِ.

پَٿِتَل، پَٿِنتَلَ: ث. واهه جا ڪَپر (جن تان پاڻي لهي ويو هجي).

پَٿِجَڻُ: م. پوڻ- داخل ٿيڻ. سمائجڻ. ڪِرڻ- ٻهڻ.

پَٿِجي رهڻ: ليٽي پوڻ. بيمار ٿيڻ.

پَٿرو: ذ. هيڊو- پيلو- زرد رنگ.

پَٿسينجَرُ: ذ (انگ) ريل گاڏي وغيره تي سوار ٿيندڙ ماڻهو.

پَٿِنڊُ: ذ. ٿلهي رسي جو ڏاوڻ.

پَٿون، پَؤن: ذ. چڪي جو هڪ داڻي وارو پاسو. نشان (پيرن جو). پيرُ.

پَٿون پارهن: ذ. ڏاري جي راند ۾ جيت جو داءُ. ڪاميابي. فتح- سوڀ.

پَٿون ڪڍڻ: پير ڪڍڻ. اهڃاڻن تي ڳولا ڪرڻ.

پَٿون سَتِ: ظ. ايندي شرط. يڪدم.

پَٿوڻِ، پَؤڻِ: ث. گهٽتائي- ڪمي. اوڻهي ڪڏ.

پَٿوڻو، پَؤڻو: ص. مُنو. گهٽ. هيٺو- ڏٻرو.

پَٿوڻو پوڻ: ضعيف ٿيڻ. بيماري ۾ ڏٻرو ٿيڻ.

پَٿي: ث. غسلخانو. ڪاڪوس.

پَٿُ، پَٿِ: ذ (هندي. پيَا) محبوب- پيارو.

پيادَلُ: ص. پيادو.
پيادو: ص (ف. پياده) پيرين پنڌ. شطرنج جو هڪ مُهرو.
پيارُ: ذ. محبت- قرب- پريم. حُب. عشق.
پيارَڻُ: م. ڏيڻ (پاڻي، شربت، دوا وغيره). زمين کي پاڻي ڏيڻ. ادا ڪرڻ (رقم). ڇڪائڻ (بيڙي، چلم).
پيارو: ص. پيار وارو- جنهن سان پيار هجي. محبوب- معشوق. دوست. دل گهريو. (ٿ. پياري).
پيازُ: ذ (ف) بصر.
پيازي: ذ. هلڪو گلابي رنگ (جيڪو بصر جي کل جهڙو ڳاڙهيرو ٿئي).
پياسَ: ٿ (سن) اُڃ- تونس. اُڪير- سِڪَ. محبت- قرب.
پياسو، پياسِي: ص. اُڃايل. سِڪايل. خواهشمند. (ٿ. پياسي).
پياڪُ: ص. پيئندڙ. نشو وغيره پيئڻ جو هيراڪُ- باندائي.
پيالو: ذ.(ف. پياله) هڪ قسم جو ٿانءُ (پاڻي وغيره پيئڻ لاءِ). وٽو. جام. ٺولهو.
پيالو پيڻ: وفات ڪرڻ (بزرگ ولي الله لاءِ چئبو).
پيالِي: ٿ. ننڍو پيالو. وٽي.
پَيامُ: ذ (ف) نياپو- پيغام- سنيهو.
پَيامبَرُ: ص. نياپو رسائيندڙ- پيغامبر.
پَيامِي: ص. نياپو کڻي ويندڙ.
پيتامبَرُ: ذ (سن) ڪپڙي جو هڪ قسم (سونهري يا پيلو ريشمي ڪپڙو). سورج ونسي مت وارا هندو فقير (جيڪي پيلي رنگ جي ساڙهي اوڍين).
پيتي: ٿ. ڪاٺ جي صندوق. ڳجهه.
پيٽُ: ذ. شڪم. معدو. حمل. ڄمَرُ- وياءُ. ڳجهه. درياءَ وغيره جو وچڪر وارو حصو.
پيٽ پَرائِي: ٿ. بي پرواهي- لاغرضي. وڏائي.
پيٽ پرچڻ: ڍؤ ٿيڻ. مَن وڻڻ. ڍَؤ ۾ مستي اٿڻ.
پيٽ پريل: ص. ڍاول. ساڻو آسودو. شاهوڪار. بي فڪر. مغرور.
پيٽ ٺرڻ: ڪنهن تتي اثر واري شيءِ کائڻ پيئڻ سان پيٽ جي گرمي لهڻ. وير وڻڻ سان اندر جي باهه لهڻ.
پيٽ پالڻ: ڏکيو سکيو گذران ڪرڻ.
پيٽَ سان: ظ. حامله- ڳورهاري.
پيٽ واري: حامله- پيٽ سان.
پيٽُو، پيٽِي: ص. وڏي پيٽ وارو. گهڻو کائيندڙ.
پيٽ مُنو: ص. پيٽي- گهڻ کائو.
پيٽارَڻُ: م. هضم ڪرڻ (کاڌو). سَهڻ (صدمو. جٺ ڦٺ). عادي ٿيڻ.
پيٽارو: ذ. مڇي پلي جو پيٽ وارو حصو.
پيڻُ، پيڻُ: م. اوتڻ- هارڻ. اُٿلائڻ (ٿانءَ)- اونڌو ڪرڻ.
پيٽو: ذ. پيٽ وارو حصو. ڪپڙي يا ڪٺ جي اٿاوت ۾ وچڪر وارو حصو.
پيٽِي: ٿ. چيلهه ۾ ٻڌڻ لاءِ چمڙي يا ڪپڙي جي پَٽي- ڪمربند. بلبل جي چيلهه ۾ ٻڌل ڏورو.
پيٽرولُ: ذ (انگ) هڪ قسم جو معدني تيل.
پيٺِ: ٿ. ٻَها- اگهه.
پيٺو: ذ. ڪَدوءَ جي قسم جو هڪ ڦِٽو (ياڄيءَ طور ڪم اچي).
پيڻي: ٿ. ماڻهوَ يا مڱڻ جو اٽو (اُپٽڻ طور ڪم اچي).
پيپُ: ذ. لوهه يا ڪاٺ مان ٺهيل وڏو گول دٻو (تيل يا شراب رکڻ لاءِ).
پيپَرُ: ذ (انگ) ڪاغذ- پنو. امتحان جو سوالنامو.

پيچَ، ث. ربَ. پچَ. تمام پٽڙو پَٽُ.
پيچِي، ث. چانورن جي پچَ. ربَ. ٿهڪايل چانورن جو پاڻي (ڪپڙن کي ڪلف ڏيڻ لاءِ).
پيچُ، ذ (ف) وراڪو- وڪڙ- وَٽُ. وَرُ- ڦيرو. مروڙو (پيٽ جو)- گهمرو. فريب. لغڙن جو داءُ.
پيچ تاب، ذ. وٽ سٽ. لوچ پوچ.
پيچدارُ، ص. وروڪڙ وارو. مُنجهيل.
پيچ پائڻ، وڪڙ وجهڻ. محبت ۾ گرفتار ڪرڻ.
پيچ وخم، ذ. وروڪڙ- ڏِنگ وِنگ.
پيچَ، ث. پوک کي پاڻي پيارڻ. پوک کي پاڻي ملڻ جو ذريعو (واهه، شاخ). بنيءَ کي پاڻيءَ جي رسد.
پيچرو، ذ. ماڻهن ۽ جانورن جي هلڻ سان پيرن جي نشانن مان ٺهيل سنهي واٽ- چارو.
پيچش، ث (ف) مروڙ سان ڪاڪوس اچڻ جي بيماري.
پيچَڻُ، م. پيئجڻ (پاڻي، شربت وغيره). پاڻي ملڻ (پوک کي). ادا ٿيڻ (رقم).
پيچيدگِي، ث (ف) وروڪڙ- ڏِنگ ڦير. مونجهارو. مشڪلات.
پيچيدَه، ص (ف) وروڪڙ وارو. وِيڙهيل. منجهيل.
پيجو، ذ. پٺيون پاسو. پٺ. پويون حصو. تعاقب.
پيجو ڪرڻ، پٺ وٺڻ- تعاقب ڪرڻ.
پَيدا، ظ (ف) ظاهر. ڄڻيل. خلقيل. مُيَسر- دستياب. موجود. لڌل. (ث) ڪمائي. اُپت. فائدو.
پيدا ڪرڻ، وجود ۾ آڻڻ- خلق ڪرڻ. ظاهر ڪرڻ. حاصل ڪرڻ. اُپائڻ.
پيداوارِ، ث. پوک- فصل. (واپار يا فصل جي) ڪمائي. اُپت- آمدني.
پَيدا گِيرُ، ص. ناجائز طريقي سان پئسا ڪمائيندڙ. هٿڙي باز. ڳنڍي ڇوڙ.
پَيدائِش، پَيدايش، ث (ف) خلقت. اُپائڻ. حاصلات. آمدني- اُپت. ڪمائي- فائدو.
پَيدائشي، ص. اصلي. قدرتي. فطري.
پَيدَلُ، ص. پنڌ هلندڙ- پيادو.
پيڊِي، ث. لکپڙهه جي سامان رکڻ لاءِ ڪاٺ جي ننڍڙي پيٽي (عموما دڪاندارن ۽ منشين لاءِ).
پيرُ، ذ. پَگُ- قدم. پيرو.
پيرُ اکڙڻ، بي دخل ٿيڻ. شڪست کائڻ. بنياد پٽجڻ. ياڄ کائڻ.
پيرَ پَرڻ، اچڻ جي تڪليف وٺڻ. تشريف فرما ٿيڻ. مهرباني وارو قدم کڻڻ. شادي غمي ۾ شريڪ ٿيڻ.
پيرُ پائڻ، لنگهي اچڻ- داخل ٿيڻ (گهر، اوطاق ۾). حددخلي ڪرڻ.
پيرُ پَنڌُ، ذ. مرڻي پرڻي اچ وڃ جو رستو.
پيرُ ڏيڻ، عورتن جو پٽر تي اچي عذرخواهي ڏيڻ.
پيرُ ڊگهيرڻ، وت کان ٻاهر هلڻ. آمدني کان وڌيڪ خرچ ڪرڻ.
پيرُ ڪڍائڻ، ذميداري قبول ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ. اڌوري ڪم کان پوءِ جواب ڏيڻ.
پيرَ ڪڍڻ، ڌڪ ڪڍڻ. ڪا اوچتي ڳالهه ٻڌائي حواس گم ڪرڻ.
پيرَ ڪڙِي، ث. قيديءَ کي پيرن ۾ ٻڌل زنجير سان ڪڙي.
پير کڻڻ، پيرن جي نشانن تي هلڻ- پيرو کڻڻ. برادريءَ جو سڏ پرڻ. هلت هلڻ. وک کڻڻ. تعلق وڌائڻ.
پيرين پيادو، ظ. بنا سواريءَ جي پنڌ- پيادو.
پيرُ، ذ (ف) پوڙهو- ٻُڍو. بزرگ. مرشد.

پيرائـہ سالِي: ث. پيري- پوڙهپڻ.

پيرَن جي مهل: ث. فجر- پريات.

پيراييتَ: ث. پيرن جي سڃاڻپ (شڪي ماڻهو جي پيرن جي ڏوهيءَ جي پيرن سان ڀيٽ).

پيراڏُو: ص. پيرَ سڃاڻيندڙ (ماڻهو ۽ مال جو) پيرِي.

پَيراستہ: ص (ف) سينگاريل- مُزَيَن.

پيراندِي: ث. کٽ جو پيرن وارو پاسو. (ضد. سيراندي).

پيراِڻتو: ص. ٿُنهن کان چوٽيءَ تائين. سربستو- تفصيلي.

پَيرايَہ: ذ (ف) سينگار- زيبائش. طريقو- ڍنگ.

پيرِڙيو: ص. اهو ٻار جنهن جا ڄمڻ وقت پهريائين پير ظاهر ٿين.

پيرِ- مُغان: ذ (ف) آتش پرستن جو پيشوا. شراب خاني جو مالڪ.

پيرو: ذ. پيرن جا نشان (ماڻهو يا چوپائي جا). ڪاهجي ويل جانور جو پير کُر.

پيرو کڻڻ: ڀُڄ وڃڻ. ڳولا ڪرڻ.

پَيرُو. پيروڪار: ذ (ف) پيروي ڪندڙ. نقش قدم تي هلندڙ. پوئلڳ.

پيروُڻ: ذ. ڪبڙ جو ڦرُ (ٻہ قسم: ڳاڙها مِنا ۽ اڇا ڪارا). کٽ جي پيراندي وارو اوپرو.

پَيرَوِي: ث (ف) تقليد. اطاعت. حڪم جي پوئواري.

پيرسَنُ. پيرمَردُ: ص (ف) پوڙهو- ڪُراڙو.

پيرِي: ث (ف) پوڙهپڻ- ٻُڍاپو. ضعيفي. بزرگي. مرشدي.

پيري مُرِيدي: ث. تلقين ۽ اطاعت.

پِيڙَ: ث. سُورَ جي سختي. آزار- بيماري.

پَيڙا: ث (سن) سُورَ- عذاب. روڳ- مرض.

پيڙجَڻُ: م. گهاڻي ۾ پوڻ. نپوڙجڻ. سخت تڪليف ۾ اچڻ.

پَيڙَڻُ. پيڙِڻُ: م. ٻن شين جي وچ ۾ زور ڏيئي ڇپڻ. چيپاڻ. تيلي ٻج يا مغز کي گهاڻي ۾ وجهي تيل يا روغن ڪڍڻ. تيل ڪڍڻ. نپوڙڻ. آزارڻ. ستائڻ.

پيڙو: ذ. چاڻو (اٽي جو) مانيءِ مان ٺهيل هڪ مٺائي- ڪيرپُڙو.

پيڙِهہ: ث. بنياد (ڀتِ يا جاءِ جو)- پاڙ.

پيڙِهو: ذ. ڪاٺ جي صندلي. ويهڻ لاءِ ڪکن ڪانن مان ٺهيل ننڍڙو مُوڙو.

پيڙِهي: ث. نسل- پشت. خاندان جي وڏن يا اولاد جو سلسلو.

پيڙهي پُٺڻ: وڏن کي گاريون ڏيڻ ۽ بدنيڪي ڪرڻ.

پيڙِهياتو: ص. شريف گهرائي وارو. وڏ گهراڻو. خانداني. اصل نسل خصوصيتن وارو.

پَيزارِ: ث (ف) جُتي- ڪفش.

پيسائِي: ث. پيهائي (ان اٽو).

پيسٽِرِي: ث (انگ) مکڻ يا ڪريم لڳل ڪيڪ.

پيسجَڻُ: م. پيسجي اٽو ٿيڻ. ظلم ۾ ڦهڻ.

پَيسجِي وڃڻ: اٽو ٿي وڃڻ. تباهہ ٿيڻ. مصيبت ۾ بيحال ٿيڻ.

پَيسو. پَئسُو: ذ. ٽامي جو هڪ سِڪو. ناڻو.

پَيسو ڏوڪڙ: ذ. ڌن دولت. مال ملڪيت.

پيسِي: ث. ڪتل جي ڳڙي.

پيش: ظ (ف) سامهون- اڳيان.

پيش اِمامُ: ذ. نماز ۾ اڳواڻي ڪندڙ امام.

پيش بَندي. پيش بِينِي: ث. اڳ ويچار- دوranديشي.

پيش پوڻ: نماڻائي سان آڏو حاضر ٿيڻ. آڻ مڃڻ.

پيش خيمو؛ ذ. اهو تنبو جيڪو اڳواٽ اڳين منزل تي موڪليو وڃي (تہ جيئن پهچڻ تي تيار ملي).

پيشُ؛ ذ. خالص سونُ- نج سونُ (جيڪو چوويهہ قيراط وزن وارو هجي).

پيشابُ؛ ذ (ف) مُٽ- ريلو.

پيشاني؛ ث (ف) نراڙ- جبين.

پيشتَر؛ ظ (ف) پهرياتين- اڳ ۾.

پيش رَفت؛ ث (ف) اڳيان وڌڻ. اڳرائي.

پيشرَو؛ ص (ف) اڳيان هلندڙ. گذري ويل (حاڪم، اڳواڻ).

پيشقَدمي؛ ث (ف) اڳرائي. اڳوائي. سبقت.

پيشڪَش؛ ث (ف) آڇ- صلاح.

پيشگوئي؛ ث (ف) پيشنگوئي.

پيشگي؛ ث (ف) سُوٿي- بيعانو.

پيشگيرُ؛ ذ (ف) زنانو پَڙو.

پيش نظر؛ ظ (ف) سامهون- روبرو. اکين اڳيان.

پيشنگوئي؛ ث (ف) ڪنهن واقعي جي اڳواٽ ٻڌايل خبر- اڳڪٿي.

پيشو؛ ذ (ف. پيشہ) ڌنڌو- ڪِرت. ڪسب.

پيشوا؛ ذ (ف) اڳواڻ. رهبر- رهنما. سردار.

پيشوائي؛ ث. اڳوائي- قِيادت. رهنمائي.

پيشوازُ؛ ذ (ف) عورت جو هڪ لباس- پَڙو. ناچڻ جي پائڻ جو گهاگهرو.

پيشہ وَرُ؛ ص (ف) ڌنڌي وارو- ڪاسبي. هنرمند.

پيشي؛ ث (ف) حاضري. شنوائي (عدالت ۾). شام- پوجاڙي.

پَيغامُ؛ ذ (ف) نياپو- سنيهو. اطلاع. زباني احوال.

پَيغامَبرُ؛ ذ. نياپو ڏيندڙ- قاصد.

پَيغَمبَرُ؛ ذ (ف) خدا جي طرفان حڪم آڻيندڙ- رسول.

پيڪا؛ ذ. زال جو ماءُ ۽ پيءُ.

پَيڪارُ؛ ذ (ف) لڙائي- جنگ.

پَيڪانُ؛ ذ (ف) ڀالي يا تيرَ جي نوڪ. ڀالو. تيرُ.

پَيڪَرُ؛ ذ. (ف) شڪل- صورت. مُنهن- روپ.

پَيڪَڙو؛ ذ (ف) پيرن ۾ وجهڻ جو زنجير. پيرڪَڙي- بيڙي. جانور يا وهٽ جي اڳين پيرن ۾ ٻڌڻ جي رسي.

پيڪُ؛ ذ. چاه. ڏيٹ- واقفيت.

پيگُ؛ ذ (انگ) ڍُڪُ (شراب جو).

پيگُ پاڻي؛ ذ. پيالو پاڻي. فقيرائي محفل.

پيلُ؛ ذ (ف) فِيل- هاٿي.

پيلبانُ؛ ذ. هاٿيءَ کي هلائيندڙ مهاوت.

پيلتَنُ؛ ص. هاٿيءَ جهڙو (ٿُلهو). وڏي بُوتي وارو.

پيلاڻ؛ ث. زردي- هيداڻ.

پيلپائو؛ ذ. ٿنڀ- سُتون.

پيلڪَ؛ ث. ٻوڙ. تکي ٻوڙ.

پيلو؛ ذ. اَنورو- خصيو.

پيلو؛ ص. هيڊو- زردو- ٿِڪو. (ذ) ٻاڻ- تِيرُ.

پَيمانُ؛ ذ (ف) عهد- اقرار. واعدو.

پَيمانو؛ ذ (ف. پيمانہ) اناج وغيره مَئڻ جو ٽانءُ- ماڻُ. ماپڻ جو اوزار. پيالو- جام (شراب جو).

پَيمائش؛ ث (ف) مــاپ- ڪَچ. ڪَٽَ. زمــين جي ڪٽ- ايراضي.

پَين؛ ث. (انگ Pen) سليٽ تي لکڻ لاءِ پٿر جو قلم. مس وارو قلم- انڊپين.

پَينارُ؛ ذ. پينُو- گدا. منگتو- سوالي. فقير.

پَينچُ؛ ذ. پَنچُ.

پَينچاتَ؛ ث. پَنچات.

پَينڊُ؛ ذ. مينهن اٺ وغيره کي اڳين ٽنگن ۾ ٻڌڻ جو

رسو.

پينڙاتُ، پينڙياتُ: ص. پينُو- گداگر.

پينسِلَ: ث (انگ) گريفائيٽ جي گوري وارو ڪاٺيءَ مان ٺهيل قلم.

پينشِنِ: ث (انگ) ملازمت جي مدت ختم ٿيڻ بعد مقرر رقم (جيڪا مرڻ گهڙيءَ تائين ملازم کي ملندي رهي).

پينشن بردار: ص. پينشن کڻندڙ رٽائر ملازم.

پينگهہَ: ث. لوڏ. وڻ ۾ ٻڌل جهُولو.

پينگهو: ذ. جهُولو- هندورو.

پينُو: ص. پِنندڙ- رڳو پنڻ جي ڌنڌي وارو.

پينو: ص. اندران سخت- ٿَهرو (ڪاٺ).

پينُ: ذ. چانورن جي پيچي (ڪپڙي يا سُٽ کي سخت ڪرڻ لاءِ). وڻ جو هڪ قسم. هڪ قسم جو ٻانڊي پکي. (جنهن جو تيل دوا طور ڪم اچي).

پيَنِ: ث. بلا جو هڪ قسم (خصوصا 'ٽرُ' ۾ ٿئي).

پيَڻُ، پيئَڻُ: م. پاڻي يا ڪا پاڻيٺ واپرائڻ. چِکڻ (ٽماڪ). چُهڻ- جذب ڪرڻ.

پيِرَ: ذ (هہ) محبوب.

پيُو: ذ. پيءُ- ابو.

پيوڙِي: ث. پيلي رنگ جي مِٽي- پيلو رنگ.

پَيوَست: ص (ف) جَڙيل- ڳنڍيل- پِٽَلِ.

پَيوَسته: ص (ف) مليل- جڙيل- ڳنڍيل. چنبڙيل. ڪُپايل. لاڳيتو- مسلسل.

پَيوَندُ: ذ (ف) جوڙ- ميلُ. ڳانڍاپو. تعلق. چَتِي. ڳنڍُ. هڪڙي وڻ جي شاخ ٻئي وڻَ ۾ هڻڻ.

پَيوَندِي: ص. قلم هنيل (وڻ)- چشمو لڳل (وڻ).

پيهہَ: ث. پيسجڻ جي حالت (ڳاهڻ ۾). ڳاهڻ- سوڙهہ (ماڻهن جي). چِپَ- پيڙَ.

پيهہَ پيهان: ث. ڪپاگيهہ- ڪُلهي ڪس. سوڙهہ گهٽ.

پيهَرِ: ث. لوڙهو (ٻنيءَ کي).

پيهائِي: ث. اٽو وغيره پيهائڻ جي اجرت.

پيهائِڻُ: م. اٽو ڪرائڻ. جنڊيا جانڊهہ ۾ سنهون ڪرائڻ.

پَيهَم: ظ (ف) لاڳيتو- متواتر- هڪ ٻئي پٺيان.

پيهَڻُ: م. گِهڙڻ- اندر ٿيڻ- داخل ٿيڻ.

پيهَڻُ: م. اٽو ڪرڻ (چڪيءَ يا جنڊ ۾). ڪَرٽڻ (ڏند).

پيهَٽو پيهَڻ: سخت محنت ڪرڻ- سخت پورهيو ڪرڻ.

پيهي ڇڏڻ: اٽو ڪرڻ. ڪُٽي ذرا ذرا ڪرڻ. تباهہ ڪرڻ.

پيهو: ذ. پوک جي سنڀال ۽ جهار هڪلڻ لاءِ ٻنيءَ ۾ ٺهيل عارضي ڇَپرُ.

پيهِي: ث. ننڍڙو پيهو. اڱڻ ۾ يا گهر کان ٻاهر سمهڻ لاءِ ننڍڙو پيهو.

پيءُ: ذہ ابو- بابو- والد.

پيئيتو: ص. پيءُ جو اولاد (پر ماءُ ٻي مان هجي).

پيڱرو: ذ. مڪڙو گهوڙو- سَمند گهوڙو.

ج

ج: ث. اُچار "جيم". سنڌي الف- بي جو ٻارهون اکر. فارسيءَ جو ڇهون ۽ عربي جو پنجون اکر.

ابجد موجب عدد (٣).
جاٻجا، جاءِ بجاءِ: ظ (ف) هرهنڌ- جتي ڪٿي.
جابرُ: ص (ع) جبر ڪندڙ- ڏاڍ ڪندڙ- زبردست.
جابلُو: ص. جبل جو. پهاڙي (جانور وغيره).
جابولَ: ث. چوٻول.
جاتِي: ث (سن. جاتيه). فرقو. جماعت.
جاتَ: ث (سن. ياتر) جاترا- تيرٿ. (اُڏيري ۾ جات جو ميلو) هرَ سال کيڙيل (ڏهن ويهن اوڙن وارو زمين جو ٽڪر).
جاتا: ث (سن. ياترا) ياترا- تيرٿ.
جاتِي: ص. جاتري- ياتري.
جاتولو: ص. (ڏڻ ڪان ٽٽل يا رُليل چوپايو ڍور. ڇڙواڳ- نڌڻڪو.
جالو: ز. جاتلو.
جاچَڪُ، جاچِڪُ: ص. منگتو- فقير- سوالي. ڳاٽي خيرات وٺندڙ منگتو.
جاچَ: ث. ”ڏسو جانچ“
جادَ: ث. باس باسيل وارن جي چڳ (جيڪا چوٽيءَ يا لونڊڙيءَ تي چڙهيل هجي).
جادا: ذ. چِتڙا. لونڊڙين وارا وار. ميندا.
جادَمُ: ذ. سمن جي قبائلي پيڙهيءَ ۾ وڏو ڏاڏو هڪ مشهور سمو سخي سردار.
جادُو: ذ (ف) سحر- طلسم. مَنڊُ- منتر.
جادُوگرُ: ص. جادو ڪندڙ- ساحر.
جادُوگرِي: ث. جادو جو هنر- طلسم.
جادَه: ذ. رستو- گسُ. رسم- دستور.
جاڏو: ص. وڏو اوچو ڏکيو (جبل) سگهارو. جاتلو- پهلوان.
جاذِبُ: ص (ع) جذب ڪندڙ- ڇُهندڙ. ڪشش ڪندڙ. ڇڪيندڙ.
جارُ: ذ. جوش جذبو. ڳڻتي- فڪر. اُدمو. ڏک. افسوس.
جارَڪ: ث. ڪارڪ- (ڪجي جو ميوو).
جارو: ذ. گهر جي پٽ ۾ نهيل ڳڙڪُ. سامان (رکڻ لاءِ)- طاق.
جارُوبُ: ذ (ع) ٻهارو- جهاڙو.
جارُوب ڪَش: ذ. ٻهاريدار.
جارِي: ظ (ع) وَهندڙ. هلندڙ. چالُو- رائج.
جاڙَ: ث. ڏاڍ- ظُلم. جُٺ.
جاڙا: ص. ۾ گڏ چاول (ٻار، ڦر).
جاڙا پرُون: ذ. وڏا ۽ گهاٽا پرونُ (جيڪي بناوتيءَ جي هڪ ٻئي سان ڳتيل هجن).
جاڙو: ص. ٻن گڏ چاول ٻن ٻارن يا ڦرن مان هڪڙو ٻار يا ڦُر. (ث. جاڙي).
جازتِي، جاستِي: (ف. زيادتي). مقرر انداز يا تور کان زياده- وڌيڪ- سَرس.
جاسُوس: ذ (ع) ڳجهيءَ طرح خبر لهندڙ- چارِي.
جاسُوسِي: ث. خفيه طور خبر لهڻ جو پيشو.
جافرآن: ث (ع. زعفران) زعفران- ڪيسَر.
جاڪيٽُ: ذ (انگ) ننڍو ڪوٽ. (پائڻ جو)
جاڪَ: ث. سونُ اُجارڻ جو مصالحو. اوجرُ.
جاڪڻُ: م. ”جاڪ“ هڻي اُجارڻ (ڳهه).
جاڪوڙَ: ث. ڪشالو- جفاڪشي. پيچ ڊوڙ واري ڳولا ڦولا. سخت محنت وارو پورهيو.
جاڪوڙڻُ: م. ڪشالا ڪڍڻ. سخت محنت ڪرڻ. جفاڪشيءَ سان حاصل ڪرڻ.
جاڪوڙو: ج جاڪوڙا: جاڪوڙ.
جاڪوڙا ڪڍڻ: ڪشالا ڪڍڻ. ڏاڪڙا ڏسڻ.

تڪليفن کي مُنهن ڏيڻ.
جاگرافِي، ث (انگ) ڌرتيءَ جو علم. علم الارض.
جاگِيرَ، ث (ف) حاڪم طرفان انعام طور مليل زمين.
جاگِيردارُ، ص. جاگير جو مالڪ.
جاڳَ، ث. سجاڳي بيداري- ننڊ مان سارَ.
جاڳائڻُ، مر. سجاڳ ڪرڻ- بيدار ڪرڻ. ننڊ مان اُٿارڻ. خبردار ڪرڻ.
جاڳِتو، ذ. ٽانڊو.
جاڳِرِ، ث. جنُ پُوت ڪڍڻ لاءِ سُرندي جي لهرن تي نوڙن ٽيڻ جو عمل.
جاڳڻُ، مر (سن. جاگر) سجاڳ ٿيڻ- بيدار ٿيڻ. اٿڻ (ننڊ مان). اوجاڳو ڪرڻ. خبردار ٿيڻ.
جاڳو، ذ. رات جي بيداري- اوجاڳو. شادي جي ڏينهن کان اڳ واري رات جو زالن جو جشن رمضان شريف ۾ روزي رکڻ لاءِ جاڳائڻ جو نظم.
جاڳوتو، ذ. نوڙُ جيڪو جوڳي فقير مٽي کي ويڙهين- سيلهو.
جاڳَهَه، ث. گهر جي جاءِ. جڳهه- هنڌ. ماڳ.
جالُ، ذ. گهڻو- جهجهو- بي انت.
جالارُ، ذ. گهڻو پاڻي (برسات جو. دريا جو).
جالارو، ص. گهڻو وهندڙ (پاڻي)- جهجهو پاڻي.
جالنگُ، ذ. ڏاس جو ٿهيل وڏو پورو. ڦرن جي ڏاٺڻ کان بچاءَ لاءِ چوپائي جي ٽڻن تي چڙهيل ڳوٿري.
جالڻُ، جالِڻُ، مر. گذارڻ- گهارڻ. بَسر ڪرڻ. ڪاٽڻ (حياتي). جيئَڻ نباهڻ.
جامُ، ذ (ف) پيالو (ظ) گهڻو- جهجهو. تمام گهڻو.
جامِ جَمر، ذ. جمشيد بادشاه جو روايتي پيالو (جنهن ۾ دنيا جا حالات ڏسندو هو).
جامِدُ، ص (ع) جميل. پهڻ وانگر هڪ هنڌ پيل.

جامَردُ، جامَرّدُ، ص. جوان مڙس. سگهارو ۽ پهلوان مڙس.
جامِعُ، ص (ع) جمع ڪندڙ- گڏ ڪندڙ. مڪمل (تفصيل سان). سربستو.
جامع مَسجِد، ث. شهر جي وڏي مسجد (جنهن ۾ جمعي جي نماز ٿئي).
جامِعَهَ، ث (ع) اعليٰ تعليم واري درسگاه- يونيورسٽي.
جامو، ذ (ف. جامه) ڪپڙو. لباس- پوشاڪ. ڍگهو چولو. پهراڻ. فقيرن جو ڍگهو چولو- ڪفني.
جامو مٽائڻ، وفات ڪرڻ- لاڏائو ڪرڻ.
جاميٽري، ث. پيمايش جو علم- اقليدس.
جانِ، ث (ف) روح- ساه. حياتي. جسم. بت. بدن. حوصلو. طاقت. سگهه.
جان آفرينِ، ص. ساه وجهندڙ. خدا تعاليٰ.
جان جوکي ۾ وجهڻ، مصيبت ۾ ڦاسڻ. سخت تڪليف هيٺ اچڻ.
جانارُ، ذ. ڏسو جانورُ.
جانِبُ، ذ (ع) طرف- پاسو.
جانبدارُ، ص. پاسو ڪندڙ- طرفدار. حمايتي.
جانِبُ، جانَبُ، ذ (ف) پيارو- محبوب. دلدار. جاني.
جانيُوتو، ذ. جَهپ هٿي ڪسڻ- جهپو. رانيُوتو.
جانيُوتجَڻُ، مر. رانيوتا هٿي وڙهڻ.
جانئو، ذ. ملهه جو هڪ داءُ- جانو. (ص) مضبوط هڏ ڪاٺ وارو. سگهارو.
جانئا هڻڻ، انگڙا هڻڻ. رندڪون وجهڻ.
جانبازُ، ص (ف) جان جي بازي لڳائيندڙ (پهلواني ۾). بهادر پهلوان.

جانبازي، ث. سخت خطري ۾ ڪُڏي پوڻ. بهادري.
جانِ بَخشي، ث. (ف) جيئدان- موت کان معافي.
جان بَلَب، ظ (ف) ساهه چپن تي- مرڻ ويجهو.
جانچ، ث. امتحان- آزمائش- پرک. چڪاس- تپاس.
پڇا ڳاڇا. ڳولا ڦولا. تلاش. نظرداري- سنڀال. تفتيش
(واردات جي).
جانچ پڙتال، ث. نظرداري. مٿاڇري چڪاس.
جانچ جُونچ، ث. چڪاس. ڳولا ڦولا. وڙول.
جانچڻ، م. ڏسڻ- نهارڻ. تڪڻ. چڪاس. پرکڻ.
ڳولا ڪرڻ. نظر ۾ رکڻ.
جانچي ڇڏڻ، ڏسي ڇڏڻ. نظر ۾ رکڻ
جانچوس، جاسُوس.
جانچُوسي، ث. جاسُوسي.
جانباهه، جانبَهه، ث. وڏو جَنڊ- چَڪي.
جاندار، ص (ف) ساهوارو- حيوان. همت وارو.
جان فِشاني، ث (ف) سخت محنت- ڏاڍي
ڪوشش.
جانڪاه، ص (ف) ساهه سُڪائيندڙ. سخت تڪليف
وارو.
جانڪيتان، ظ. جيستائين. تان ۾.
جانڪَني، ث (ف) سڪرات- پويان پساه.
جانڪَستو، جانگَستو، ص. همت پريو- طاقتور-
سگهارو. دلير.
جانگداز، ص (ف) جانِ کي ڳاريندڙ- مارينڊڙ.
جان نثار، ص (ف) ساهه فدا ڪندڙ- وفادار.
جانو، ذ. پڇتاءُ ظاهر ڪرڻ يا معافي وٺڻ لاءِ نڪ تي
آڱر ڳُهڻ. توبهه.
جانا پرڻ، معافي يا بيزاريءَ لاءِ توبهه ڪرڻ.
جانوَر، ذ (ف) ساهوارو- حيوان. ڍور. (ص) اڻ
سڌريل. وحشي.
جاني، ص (ف) جانِ جو- ساهه جو. ساهه کان پيارو.
محبوب. معشوق.
جاني دوست، ذ. پيارو دوست. دل گهريو يار.
جاوَ، ث (ف. اجوان) هڪ ٻُوٽو ۽ ان جو ٻج.
جاوا، ذ. انڊونيشيا جي ويجهو هڪ مکيه ٻيٽ. هڪ
مکيه ياڳو (گرم مصالحي کان مشهور، اڳاٽي وقت ۾
سنڌي ٻيڙياتا اتي سوداگري لاءِ ويندا هئا).
جاوا ڪرڻ، جهجهو مال هٿ ڪري عيش ڪرڻ.
ڊِوَ ڪرڻ. موجون ڪرڻ.
جاوِدان، ظ (ع) هميشه- سدائين.
جاوِداني، سدائين هجڻ- هميشگي- دوام.
جاه، ذ (ف) رتبو- درجو. عزت. شان. دبدبو.
جاه و جلال، ذ. شان شوڪت- رعب تاب.
جاه وحشم، ذ. شان شوڪت- دبدبو.
جاهِل، ص (ع) بي علم- اڻ پڙهيل. بيوقوف. نادان.
جاءِ پناه، ث. پناهه جي جاءِ. بچاءَ جو گهر. امن وارو
هنڌ.
جاهليت، ث. بي علمي. بيوقوفي. اڻڄاڻائي.
جاءِ، ث (ف) جڳهه. هنڌ- جُوءِ. گهر- مڪان.
ٺڪاڻو. موقعو.
جاءِ سُڪونَت، ث. رهڻ جو هنڌ.
جاءِ ضرور، ذ. ڪاڪوس.
جاءِ نَشِين، ص. قائم مقام- عيوضي. نائب.
جائِگير، ص. ٽانيڪو.
جائيداد، ث (ف) غيرمتحرڪ ملڪيت. گهرگهاٽ.
زمين. ملڪيت.
جائز، ظ (ع) قانون مطابق مباح. واجب- حلال- روا.
درست- صحيح.

جاڇَرو؛ ذ (ع) پرک- امتحان. معائنو- جانچ. پڙتال.

جاڇَرو وٺڻ؛ معائنو ڪرڻ. اندازو لڳائڻ.

جاڦِلُ؛ ذ. هڪ قسم جو پسارڪو وکر.

جاڦُون؛ ذ. چوپائي مال جي اوجهري ۾ پيدا ٿيندڙ جيت (ڳاڙهيون ڳڏرون).

جاڳِي؛ ظ. پڪ سان- سچ پچ. ضرور.

جَباتُ؛ ذ. مُشڪ يا ڪَٿُوري.

جَبارُ؛ ذ (ع) الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. نهايت وڏي طاقت وارو.

جَبرُ؛ ذ (ع) طاقت- سگهه. ڏاڍائي. ظلم ڏاڍ.

جَبَرُوتُ؛ ذ (ع) قدرت- طاقت. عظمت- وڏائي. جلال. سلوڪ جي ٽئين منزل.

جِبرِيلُ، جِبرَئِيلُ؛ ذ (ع) خاص چئن فرشتن مان هڪ فرشتو (جيڪو پيغمبرن تي وحي کڻي ايندو).

جَبَلُ؛ ذ (ع) پهاڙ- ڪوهه- ڏونگر.

جَبَل جهاڳڻ؛ اٿانگا پنڌ ڪرڻ. تڪليفون ڪاٽڻ.

جِبِلتَ؛ ث (ع) اصلي طبيعت. خاصيت. سرشت. پيدائشي فطري قُوت.

جِبِلِي؛ ص (ع) پيدائشي. حقيقي. طبعي- اصلي.

جُبو؛ ذ (ع. جُبَه) ڪفنيءَ جهڙو ڊگهو ڪوٽ (جيڪو بدن ۾ ڍِرو ۽ ٻانهون ويڪريون ٿونٽين تائين. عام طرح عالم سڳورا پائين). خيرپور ضلعي جو ناري ڪان اوير طرف وارو علائقو.

جَبِين؛ ث (ف) پيشاني- نراڙ.

جَتَ؛ ذ. بلوچن جو هڪ آڳاٽو قبيلو. بلوچ.

جَتُ؛ ز. اُٺ هڪليندڙ ۽ چاريندڙ- اوٺي.

جُتُ؛ ذ (سن. يُت) جوڙو (مثلا سڳين. ايرنگن وغيره جو). ٻن شين جو سَٿُ.

جَتائِڻُ؛ م. ٻڌائڻ- ڏسڻ- واقف ڪرڻ. ياد ڏيارڻ.

جَتَنُ؛ ذ (سن. يَتن) ڪوشش- سعيو. حيلو- اُپاءُ. خبرداري- احتياط. تدبير- اٽڪل.

جَتَن ڪرڻ؛ حيلا هلائڻ. ڪوشش ڪرڻ.

جَتو، جَتِي؛ ص. خواهش کي ترڪ ڪندڙ. پارسا- پرهيزگار. تارڪ- زاهد. (ث. جَتِي).

جَتو سَتو، جَتِي سَتِي؛ ص. جو بنا شاديءَ جي مجَرد ٿي رهيو هجي. زاهد ۽ پرهيزگار. سچ ۽ حق تي هلندڙ.

جِتي؛ ظ. جنهن هنڌ. جنهن وقت.

جِتي ڪِٿي؛ ظ. هرهنڌ- جابجا.

جُتِي؛ ث (ف. جفت) پيزار- پاپوش- ڪفش.

جُتِيءَ جوڙُ؛ ص. جُتي جوڙي رکندڙ. ٻانهو- نوڪر.

جُتِي گسائڻ؛ گهڻو پنڌ ڪرڻ. گهڻو اچڻ وڃڻ (عرض يا ڪم لاءِ). ڏاڍو پنڌ ڪرڻ.

جَٿو؛ ذ. گروه- ٽولو- جماعت. انبوه- هجوم.

جُٽُ؛ ص (سن. يُڪت) جُڙيل- ڳنڍيل- لاڳو. شريڪ- ڀِٽ. صلاحو.

جَٽا؛ ث (سن) ويڙهيل وارَ- وانگوڙو. چوٽي (وارن جي)- چڳَ.

جَٽاڌارِي؛ ص. سادو- جوڳي (جنهن جا وار وٽيل ۽ چڳون هجن).

جَٽاءُ؛ ذ. پائداري- استحڪام. بقاءُ.

جَٽاءُ دار؛ ص. ديرپا- جهالائو. پائدار.

جَٽَڻُ؛ م. جٽاءُ ڪرڻ- قائم رهڻ. گزارڻ- گهارڻ.

جُٽَڻُ؛ م. جُنبڻ- مشغول ٿيڻ- لڳي وڃڻ (ڪم ۾).

جُٽِ؛ ث. تنبيهه- ملامت. لعنت ملامت. تعدي.

جُٽِ ڦِٽِ؛ ث. لعنت ملامت. تنبيهه. تعدي- عقوبت.

جُٿو؛ ذ (ع. جُثه) بدن- جسم.

جَپُ؛ ذ (سن) پاٺ. پوڄاپاٺ. منتر.
جَپَڻُ؛ م (سن) جَپُ ڪرڻ. پوڄاپاٺ ڪرڻ. مالها ڦيرائڻ. دعا گهرڻ. ڪنهن جو نالو وٺي بندگي ڪرڻ.
جَجُ؛ ذ (انگ) فيصلو ڪندڙ. قاضي. مصنف.
ڄجا، ڄجَ؛ ث. ڪني ۽ اڻ وڻندڙ شيءِ (جيڪا ڄُهٽي پوي). مصيبت. (ص) زوري چنبڙي پوندڙ (ماڻهو). مَجذ.
ڄجائُو؛ ذ. ڄجا. ٻارن کي ڏيڄارڻ لاءِ خالي پوائتي شيءِ- ٻائُو.
جُجُ؛ ذ. ڪاڄُ. شاديءَ جي مجلس. ڏٿو (ڪاڏي جو).
جَدُّ؛ ذ (ع) سياڳ. بزرگي. ڏاڏو.
جَد امجَدُ؛ ذ. پڙ ڏاڏو.
جِدَ؛ ث. پيڙهي- پُري.
جَدِي؛ ص. اباڻو- ڏاڏاڻو. موروثي.
جُدا؛ ظ (ف) الڳ- ڌار- علحدو. مختلف- نرالو- نيارو- انوکو. چڙوچڙ.
جُدا ڪرڻ؛ الڳ ڪرڻ- ڌار ڪرڻ. نفاق وجهڻ.
جُدا جُدا؛ ظ (ف) ڌار ڌار- الڳ الڳ. پري پري. مختلف. چڙوچڙ.
جُداگانہ؛ ظ (ف) علحده- جدا- متفرقہ.
جِدال، جَدَل؛ ث (ع) لڙائي- جنگ.
جُدائِي؛ ث (ف) علحدگي. فراق- وڇوڙو.
جِدتَ؛ ث (ع) نئين ڳالهہ- نواڻَ.
جَدوجَهدَ، جِدوجَهدَ؛ ذ (ع) ڪوشش- سعيو. ڊڪ ڊوڙ. حيلو وسيلو. اُپاءُ. محنت- پورهيو.
جَدوَلَ؛ ث (ع) صفحي جي چئني پاسن واري ليڪ. رياضيءَ جي اصطلاح ۾ برابريءَ وارو ڪوڙو.
جَدِي؛ ذ (ع) علم نجوم ۾ هڪ برج جو نالو. زمين جي چوڌاري هڪ خيالي ليڪو.

جَدِيدُ؛ ص (ع) نئون. تازو.
جَڏ؛ ظ. جڏهن.
جَڏالُ؛ ص. جڏو. معذور ضعيف. پوڙهو.
جَڏائِي؛ ث. معذوري. ايرائي- ضعيفي. هيڻائي.
جَڏو؛ معذور- پنگلو. بيمار- اگهو. بيڪار.
جَڏهن؛ ظ. جنهن وقت- جنهن مهل.
جَذامُ؛ ذ (ع) ڪوڙهہ جي بيماري.
جَذبُ؛ ذ (ع) ڇُهڻ. ڇڪَ- ڪشش. جوش. ڪاوڙ.
جَذبو؛ ذ (ع) ڇڪَ- ڪشش. اُڌمو. ڪاوڙ- جولان.
جَرُ؛ ذ (سن. جَل) پاڻي- آب- جَلُ.
جَرٿرُ؛ ز. پاڻي ۽ خشڪي- سمنڊ ۽ ڌرتي.
جُرات؛ ث. جُرئَت.
جَراحُ؛ ذ (ع) زخمن تي ملم پٽي ڪندڙ يا وڍي چيري صاف ڪندڙ- ويڄُ.
جَراحِي؛ ث. زخمن جو علاج ۽ وڍ ٽُڪَ.
جَرارُ؛ ص (ع) گهڻو لشڪر.
جَرائِمِ؛ ذ (ع. جُرم جو جمع) ڏوهہَ.
جرائم پيشہ؛ ذ. عادتي ڏوهاري.
جَرَحَ؛ ث (ع) چِيرُ- زخم- گهاءُ. آڏي پڇا.
جَرجَلو؛ ذ (ع. زلزلہ) ڌرتيءَ جو ڌوڏو- زلزلو. ماندائڻ. گوڙ گهمسان. روج راڙو.
جُرح؛ ڪورٽ ۾ شاهد کان آڏي پڇا.
جَرَسُ؛ ذ (ع) گِهنڊُ- گهڙيال. قافلي سان گڏ وڏو گهنڊ.
جُرعہ؛ ذ (ع) ڍُڪُ- سُرڪِي.
جَرثَلَ؛ ذ. گلاب جون ڪليون (پسارڪو وکر). آتشبازي جو هڪ قسم.
جَرڪائڻُ؛ م. چلڪائڻ. اُجارڻ.
جَرڪَڻُ، جَهرڪڻُ؛ م. چمڪڻ- تجلو ڪرڻ. چلڪڻ.

جَرڪو؛ ذ. چلڪو- چمڪو. تجلو. اوجر.
جِرگو؛ ذ. قبيلن جي سردارن جي قبائلي فيصلن لاءِ گڏجاڻي. قومي يا راڄوڻي نياءُ.
جُرمُ؛ ذ (ع) ڏوهه- گناهه. سزا جوڳو ڪم.
جُرمانو؛ ذ (ف) ڏوهه جي عيوض سزا طور وٺل ڏنڊ- تاوان.
جُرئَتَ؛ ث (ع) بهادري- سورهياڻي. همت- حوصلو.
جَري؛ ص (ع) بهادر- سورهيه- دلير.
جِريانُ؛ ذ (ع) وَهڪَ- رواني. پيشاب جي بيماري.
جريان نمبر؛ ذ. سلسليوار هلندڙ نمبر جو انگ.
جَريبُ، جِريبُ؛ ذ (ع) ويهه 'ويسوا' ماپ جي ايراضي- اڌ ايڪڙ زمين.
جَريدو؛ ذ (ع) جڙو- تنها. ڪتاب- اخبار.
جَڙُ؛ ث. پاڙ- بينج. بنياد- پيڙهه. موتين يا ٽڪن جي پُوچ- جڙت.
جڙ کان ڪڍڻ؛ پاڙئون پٽڻ. ناس ڪرڻ- برباد ڪرڻ.
جَڙُ؛ ذ. اڻ سِکيل (وهٽ). اڻ هريل (ڍڳو). اَڻ وَهُو (جيڪو هر يا گاڏيءَ ۾ وهيل نه هجي)- جَڙو.
جَڙاتِ، جَڙاوَتَ، جَڙَتَ؛ ث. ڳهن يا ننگن تي ٽڪن ۽ موتين جي پُوچ- مرصع ڪاري.
جَڙاءُ؛ ذ. جڙات.
جَڙائِڻُ؛ م. ٽِڪون يا ننگ مڙهائڻ (ڳهن تي)- مرصع ڪاري ڪرائڻ.
جَڙائي؛ ث. ڳهن تي ٽِڪن يا موتين مڙهائڻ جي اُجرت.
جَڙتُو؛ ص. هٿراڌو- جعلي- نقلي. مصنوعي.
جَڙَڻُ؛ م. جَڙت ڪرڻ (ٽڪن يا ننگن جي). مڙهڻ (موتي)- پُوچ ڪرڻ.
جُڙَڻُ؛ م. ٺهڻ- تيار ٿيڻ- ڳنڍجڻ. ٺهڪي اچڻ. ملڻ- حاصل ٿيڻ.
جَڙِي؛ ث. جَڙَ.
جَڙي ٻُٽي؛ ث. ولين ٻوٽن جون پاڙون. دوا طور ڪم ايندڙ ولن ٻوٽن جون پاڙون. پن. گُلَ وغيره.
جُزِ؛ ظ (ف) سواءِ- بغير- علاوه.
جُزُ؛ ذ (ع) ٽُڪر- ڀاڱو- حصو. ذرو. ورق.
جَزا؛ ث (ع) بدلو- عيوض. نيڪيءَ جو عيوض (جيڪو مرڻ کان پوءِ آخرت ۾ ملي)- ثواب. نتيجو- سزا. (ص) جِجا- مَجَڏ. ڇنبڙي پوندڙ (ڪنهن ڪم لاءِ).
جَزاڪ الله؛ جملو. خدا توکي نيڪ اُجورو ڏي.
جَزا لوڙڻ؛ نتيجو پوڳڻ. بداعمالن جي سزا ملڻ.
جَزائِرِ؛ ذ (ع. جزيره جو جمع) ٻيٽن جو ميڙ. آلجيريا جو ملڪ.
جُزبَندي؛ ث. ڪتاب جي خاص ترتيب سان جلد بندي.
جُز دانُ؛ ذ. ڪتابن يا ڪاغذن رکڻ جو ٿيلهو.
جَزَرِ؛ ذ (ع) ساموندي وِيرَ جي لاٿِ.
جَزمَ؛ ث (ع) تحرير ۾ حرف کي ساڪن ڪرڻ جي نشاني.
جُزو؛ ذ (ع. جُز) ڀاڱو- حصو- ٽُڪرو.
جُزا ڪڍڻ؛ رياضيءَ ۾ ڪنهن مرڪب انگ کي حصن ۾ ورهائڻ.
جزيرو؛ ذ (ع. جزيرَه) ٻيٽُ.
جَزيري نما؛ ذ. اُپٻيٽُ.
جِزيَہ، جزيو؛ ذ (ع) مسلم حڪومت ۾ غير مسلمانن جي حفاظت لاءِ ۽ فوج ۾ سندن نوڪري ڪرڻ جي عيوض مٿن مقرر ڪيل محصول.
جَسُ، جَسَ؛ ذ. ناموس. ساک. خوبي. سوڀ-

برڪت. آفرين- شاباس.
جَسَ ڳرو؛ ص. سوڀ ۽ برڪت پريو. ناليرو. ناموس وارو. نيڪنام.
جَسارَتِ؛ ث (ع) دليري. بيباڪي. همت. حوصلو.
جَسامَتَ؛ ث (ع) ٿولهہ- موٽائي. بدن- جسم.
جَستَ؛ ث (ف) ڇال- ٽپ- ٻُل.
جِستُ؛ ذ. هڪ قسم جو ڌاتو.
جَستہ. جَستہ؛ ظ (ف) ڪٿي ڪٿي.
جُستجُو؛ ذ (ف) ڳولا- تلاش.
جَسَدُ؛ ذ (ع) جسم- بدن.
جِسمُ؛ ذ (ع) بدن- بُت- سرير. مادو. وجود.
جِسماني. جِسمِي؛ ص. جسم جو. بدني. مادي.
جَسِيمُ؛ ص (ع) ٿُلهو- موٽي بدن وارو.
جَشَنُ. جَشنُ؛ ذ (ف) خوشي- شادمانو. خوشيءَ جي موقعي تي ڳَڏجاڻي.
جشن ملهائڻ؛ خوشيون ڪرڻ. خوشيءَ وچان دعوتون ڪرڻ.
جَعلُ؛ ذ (ع) نقل (ڪنهن اصل شيءَ جو، جيڪو ڏوهہ ۾ شمار ٿئي). فريب- ٺڳي.
جَعل سازِي؛ ث. نقلي (دستاويز، سِڪو وغيره). ٺاهڻ. ٺڳي.
جَعلِي؛ ص. نقلي- مصنوعي- هٿراڌو.
جُغرافِيہَ؛ ذ. زمين جي مٿاڇري جو علم- جاگرافي.
جَفا؛ ث (ف) ظلم- ستم. بيرحمي. ڏاڍُ.
جَفا شِعارُ؛ ص. ستم ڪندڙ- بيرحم. معشوق.
جَفاڪَش؛ ص (ف) محنتي. پورهيت. سخت محنت ڪندڙ. پورهيت.
جَفاڪَشِي؛ ث. محنت مشقت. سخت جاکوڙ.
جُفتُ؛ ذ (ع) جوڙو- جُٽ. ٻڌي انگ.

جَفَرُ؛ ذ (ع) غيب جي خبرن جو روايتي علم.
جَڪَ؛ ذ. وَٽَ (ڪاوڙ ڪان اندر ۾). وَڍ (اندر ۾).
جَڪَ کائڻ؛ جوش يا ڪاوڙ مان اندر ۾ وَٽ پوڻ.
جَڪُ؛ ذ. واهہ جي تري يا پاسن ۾ پاڻيءَ جي ڪاڌ کان روڪ لاءِ لَڳَل ٽارن جي جَهلَ.
جَڪڙڻُ؛ م. رسي يا زنجير سان ٻڌڻ. ڇڙ ڪنيو قابو ٻڌڻ. گرفتار ڪرڻ.
جکَ؛ ث. جَهڳ- ڀَخي. ٻَڪ.
جکَ مارڻ؛ ٻڪ ڪرڻ- ڀخي هڻڻ. ٻٽاڪون هڻڻ.
جکرو؛ ذ. مشهور سخي سردار 'ڄام جکرو'.
جُکَڻُ؛ م. جهڄڻ. ڏُکڻ. هُرَڻُ- (دل ۾) ياد پوڻ.
جُکي؛ ث. اهنج- ڏک. آزار. ڳُٽي.
جَکُ؛ ذ (انگ) ڪِنگر جهڙو هڪ ٽانءُ.
جِگرُ. جِگِرُ؛ ذ (ف) جسم جو هڪ اندروني عضوو- جيرو- ڪليجو. حوصلو- جرئت. (ص) پيارو- محبوب.
جِگر جَلڻ؛ اندر سڙڻ.
جِگر گوشہ؛ ذ. پُٽ.
جِگرِي ناتو؛ ذ. رَت جي مائٽي. دلي ڳانڍاپو.
جَڳُ؛ ذ (سن. جڳت) دنيا- جهان- سنسار. دنيا جا ماڻهو. سڀ عام ماڻهو. خلق.
جڳ بِيتِي؛ ث. زماني جون حالتون. قصا- ڪهاڻيون.
جُڳُ؛ ذ (سن. يگ) زمانو- عهد- دؤر.
جُڳائِڻُ؛ م. ٺهڻ- ٺهي اچڻ. موزون ٿيڻ. رِهائڻ.
جڳتُ؛ ذ (سن) جهان. ڪائنات. سنسار.
جَڳتُ؛ ذ. جڳتُ. جهان جو هلندڙ ڪاروبار- سنسار جو سلسلو.
جُڳلي؛ ث. ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ ڳهُ- چندن هارُ.
جَڳهِ؛ ث (ف. جگہ) جاءِ- هنڌ. ٺڪاڻو. گهر-

مکان.

جَلُ؛ ذ (سن) پاڻي- آب. جَرُ. ساڙ- ڪام. ساڙو.

جِلا؛ ث (ع) اوجر- صفائي. چمڪو.

جُلابُ؛ ذ (ف) دست آئيندڙ دوا.

جَلادُ؛ ذ (ع) قانوني قاتل (قانون جي حڪم مطابق قتل ڪندڙ داروغو). (ص) ظالم- بي رحم.

جَلالُ؛ ذ (ع) وڏائي- بزرگي- عظمت- برتري. شان شوڪت. رعب. ڪاوڙ- غصو.

جَلالي؛ ص. چيڙاڪُ.

جَلالَتَ؛ ث (ع) ڪاوڙ- چڙ- غصو.

جَلَّ جَلالَهُ؛ جملو (ع) الله پاڪ جي وڏي وڏائي ۽ عظمت.

جَلاوَتِ؛ ث. جوش- ڪاوڙ. ساڙ- حسد.

جَلاوَطن؛ ذ (ع) ڏيهه نيڪالي ڏنل- ملڪ بدر.

جَلاوطني؛ ث. ڏيهه نيڪالي- ملڪ بدري.

جَلائڻُ؛ م. ساڙڻ- ٻارڻ. ڪاوڙائڻ. ساڙ ڏيڻ.

جِلائُو؛ ص. جلائيندڙ. ٻارڻ لائق (ڪاٺيون).

جَلترنگُ؛ ذ. هڪ قسم جو ساز (پاڻيءَ سان ڀريل پيالا جن تي ڏونڪو هڻڻ سان آواز پيدا ٿئي).

جَلد؛ ظ (ف) سگهو- جهٽ پٽ- يڪدم- فورا.

جَلدائي؛ ث. سگهه- عجلت. تڪڙ.

جَلدبازُ؛ ص. تڪڙ ڪندڙ. اُبهرو. ڦڙت.

جَلدبازي؛ ث. جلدائي. ابهرائي.

جَلدي؛ ث. جلدائي.

جِلدُ؛ ز (ع. جِلد) کل- چمڙي. ڪتاب جو پاٺو. ڪتاب جو ڀاڱو (جيڪو جدا ڪتابي صورت ۾ هجي).

جِلد بَند. جِلد سازُ؛ ذ. ڪتابن تي جلد ٻڌندڙ.

جِلد بَندي. جِلدسازي؛ ث. ڪتاب تي جِلد ٻڌڻ.

جَلسو؛ ذ (ع. جلسه) نشست- ويهڪ. محفل- مجلس. اجلاس. نمايش- تماشو. ناهه نوهه- سينگار.

جَلسه گاهه؛ ذ. جلسي جو هنڌ يا ميدان.

جَلقتاڪو؛ ص. ڦڙت- چست. تيز- تکو (هلڻ ۾).

جَلندَرُ؛ ذ. پيٽ ۾ پاڻي ڀرجڻ جي هڪ بيماري.

جَلڻُ؛ م. ٻرڻ. سڙڻ. ڪامڻ- پچڻ. پوسرڻ (زخم).

جَلوَت؛ ث (ع) جلوو. عام جاءِ. ڏيکاءُ.

جُلوسُ؛ ذ (ع) ويهڪَ. تخت نشيني. حاڪم جي سواري جو مجمع. خاص موقعي تي شهر گشت.

جلوس ڪرڻ؛ ڪنهن خاص موقعي تي گهڻن ماڻهن جو گڏجي گشت ڪرڻ.

جَلوو؛ ذ (ع. جلوه) نظارو- ديدار. ظهور. نورُ- تجلو. رونق. ڏيکاءُ. ٺٺ. ڀپڪو.

جلوه آرائي؛ ث. ديدار- نظارو. ڏيکاءُ. سينگار.

جلوو ڏيکارڻ؛ تجلو ڏيکارڻ. شان شوڪت ڏيکارڻ.

جَلويدارُ؛ ص. رونق وارو. روشن- چلڪندڙ.

جَلوَه گر؛ ص. نظارو ڪرائيندڙ. ظاهر- نمودار.

جَلوَه گري؛ ث. ظهور. ڏيکائي- پڌرائي. ناز نخرا.

جَلوَه نمائي؛ ث. ظاهر ٿيڻ- وجود. پڌرائي- اظهار.

جَلهَرَ؛ ث. هلان- ڪاهه- حملو.

جَلي؛ ص (ع) صاف- ظاهر- چٽو- پڌرو. (ذ) وڏي آواز سان ذڪر.

جِليبُ؛ ص. مِٺو- شيرين.

جِليبي؛ ث. مٺائي جو هڪ قسم.

جَليسُ؛ ص (ع) گڏ ويهندڙ. ساٿي- صحبتي.

جَليلُ؛ ص (ع) وڏو- بزرگ. ڌڻي تعاليٰ جو صفاتي نالو.

جَليلُ القَدر؛ ص (ع) وڏي رتبي وارو- معزز.

جَمُ؛ ذ (ع) ڀيڙ- انبوه- مجمعو.

جَمِ غَفِيرُ؛ ذ. وڏو مجمع- وڏو هجوم. انبوههُ.

جِمَ؛ ظ (جئن+ م) متان- هرگز.

جَمادات؛ ذ (ع) بيجان شيءِ (پٿر وغيره). معدنيات.

جَمادي الاول، جمادِالأولىٰ؛ ذ (ع) هجري سال جو پنجون مهينو.

جَمادي الاخر، جَمادِالثاني؛ ذ (ع) هجري سال جو ڇهون مهينو.

جَماعُ؛ ذ (ع) مُباشرت. ساٿي. نمازي.

جَماعَتَ؛ ث (ع) ٽولو- گروه- جٿو. مجموعو- (هجوم. درجو (اسڪول ۾).

جَماعتي؛ ث. جماعت جو. ساٿي. نمازي.

جُماڱي؛ ث. جمعي جي ڏينهن مدرسي جي ٻارن يا معلم کي مليل خرچي.

جَمالُ؛ ذ (ع) سُونهن- حُسن. خوبصورتي.

جمال گهوٽو؛ ذ. دوا جي طور ڪم ايندڙ ٻج (جيڪو دست آڻي)- هڪ جلاب جو نالو.

جَمالو؛ ذ. سنڌ جو هڪ مشهور لوڪ گيت.

جَمپُ؛ ذ (انگ) ٽپ- ڇال- ٻُل.

جَمَعُ؛ ذ (ع) مجموعو. جوڙ. تعداد. گڏ. ڪُل- سب. وصول ٿيل رقم- آمدني.

جَمَعَبَندي؛ ث. زمين جي ڍل وغيره جي وصولي جو حساب.

جَمَعُ واصُل؛ ز. رقم جي وصولي ۽ خرچ جو حساب.

جَمَعدارُ؛ ذ. ٽولي جو اڳواڻ. پوليس جو هڪ عهديدار. مزورن جو مُک. مهتر- ينگي.

جُمَعو؛ ذ (ع. جمعه) هفتي جو ستون ڏينهن.

جَمَعِيتَ؛ ث (ع) گڏ ٿيڻ جي حالت مجموعو- گروه. لشڪر. تسلي- آٿت- دلجاءِ. سُڪون.

جَمَلُ؛ ذ (ع) اُٺ- شُتر.

جُملَہ، جُملي؛ ط (ع) ڪُل- سب- سمورو.

جُمْلو؛ ذ (ع) جوڙ- ميزان. لفظن جو ميڙ (جنهن مان مطلب نڪري)- فقرو.

جَمَنُ؛ ذ. نڪر جو وڏو پيالو.

جَمِني؛ ذ. نڪر جي پيالي.

جُمُود؛ ذ (ع) پاڻيءَ جمڻ جي حالت. سُڪوت. هڪ هنڌ ويهڪ. تعُطل. بي حسي.

جُمهُورُ؛ ذ (ع) ماڻهن جو وڏو گروه. جماعت. قوم.

جُمهُوريَتِ؛ ث. اها حڪومت جنهن ۾ عام ماڻهو پاڻ مان سربراه چوندين.

جَميعُ؛ ص (ع) ڪُل- سب- سمورو- مطمئن- راضي.

جَميعت؛ ث (ع) جماعت. آرام- قرار.

جَميلُ؛ ص (ع) سهڻو- خوبصورت (ث. جَميلہ).

جَميلہ؛ ث. سهڻي- خوبصورت.

جِنُ؛ انسانن کان الڳ هڪ مخفي مخلوق. ڀوتُ- شرُ. (ص) ضدي.

جن پوڻ، جِنُ چڙهڻ؛ عوامي روايتي خيال مطابق، ڪنهن جن جو ڪنهن ماڻهوءَ ۾ گهڙي قابض ٿيڻ. ڪاوڙ چڙهڻ. ڇتائي وٺڻ. چريائي وٺڻ.

جِنات؛ ث (ع. جِنُ جو جمع). غيبات.

جَنابُ؛ ذ (ع) حضرت- سائين. عزت سان خطاب ڪرڻ جو لفظ.

جَنابَتَ؛ ث (ع) پَليتي- ناپاڪائي. مٽي ميرائي.

جَناحُ؛ ذ (ع) پَرُ (پکيءَ جو). ڪنيڙائي.

جَناغ، جَناڪَ؛ ث (ع. جَناغ) پکيءَ جي سيني جي هڏي.

جَناخون ڪڍڻ؛ هڏ گڏ پيڻ. سخت سزا ڏيڻ.

جَنازو؛ ذ (ف) لاش- ميت.

جنازو ڪڄڻ؛ لاش ڪڄڻ. مري وڃڻ.

جَنازي نمازَ؛ ث. اها نماز جيڪا فوت ٿيل مسلمان کي دفن ڪرڻ کان اڳ دعا طور پڙهي ويجي.

جناوَرُ؛ ذ. جانور.

جَنَبُ؛ ذ (سن. جَنم) عُمر- ڄمار. ڄمڻ. حياتي وارو عرصو.

جُنباڻِي؛ ث. (ف) چُرپر- حرڪت- تحرڪ.

جُنُبُ؛ ذ (ع) ناپاڪائي- پليتي- مٽي ميرائي.

جُنبِش؛ ث (ف) حرڪت. لوڏو. چُرپر.

جُنبَڻُ؛ م (ف. جُنبيدن) لُڏڻ- چُرڻ- حرڪت ڪرڻ. لڳي وڃڻ (ڪم کي). مشغول ٿيڻ.

جَنبُورُ؛ ذ. هڪ قسم جو ڪُتو.

جَنبُورو؛ ذ. بازيگر جو ٻالڪو (مداري جو مددگار شاگرد).

جَنبِيلَ؛ ث. زنبيل. ڪِستو

جَنَّتَ؛ ث (ع) باغ- گلستان. بهشت. فردوس.

جَنَّت الماويٰ؛ ذ. آرام وارو. بهشت.

جَنَّتِي؛ ص. جنت ۾ ويندڙ. بهشتي

جَنتا؛ ث (سن) گهڻا ماڻهو- انبوهه. قوم. عوام.

جَنتَرُ؛ ذ (سن. ينتر) رصدگاه. جنتر منتر- جادو.

جَنترَ مَنترُ؛ ذ. ٽوڻو ٽيٽو. شعبده بازي. هٽ نات. جادو جو ٽيٽو.

جَنترِي؛ ث. اهو ڪتاب جنهن ۾ سج چنڊ ۽ تارن جي لهڻ اڀرڻ جو حساب لکيل هجي- ٽِپڻو.

جَنجالُ؛ ذ. مصيبت- آزار. وَبال.

جِندِ؛ ث. جانِ- بُت- جسم. (ص) پاڻ- خود.

جِندِڙو؛ ذ. جان- جسم. (ث. جندڙي).

جَندُ؛ ذ. چَڪِي (اٽي پيهڻ جي). پٿرائين.

جَندَ ڪڍڻ؛ سخت پورهيا ڪرڻ. ڏاڪڙا ڪڍڻ.

جَندآهوڙو، جَندافُڙو؛ ص. جند جي پُڙن کي ٽڪي کُهرو ڪندڙ.

جَندالِڙو؛ ذ. ننڍڙو مان ٺهيل راندڪي طور ننڍڙو جند.

جَندو؛ ذ. جندي واري گهر جي ويڪر واري پٽ جو چوٿيءَ وارو پاسو (جنهن تي ڪامَ رکجي). جندائين پتين وارو گهر. تالو- ڪلف. گڏهه تي دِلن رکڻ جو يا گپ گاري ڪڍڻ جو ڪجاٿو.

جَندو پاڙو؛ ذ. ساهريجن سان گڏ گهر آڏائي رهڻ جو عمل. پاڙو پَٽي. هڪڙي ويڙهي ۾ گڏيل گهر.

جَندِي؛ ث. ڪاٺيءَ کي گولائيءَ ۾ گهڙي رنگڻ جو خاص هنر. سارين ڏرڻ جي جند جو مٽيون ڦرندڙ پُڙ.

جَندِي وادو؛ ذ. جندي جو ڪم ڪندڙ وادو.

جَنرَلُ؛ ذ (انگ) فوج جو هڪ وڏو عهديدار. ڪاتي جو وڏو آفيسر. (ص) عام- عامي- رواجي.

جِنسَ؛ ث (ع) قسم- نوع. نمونو. واپار جو مال. پيداوار. اناج.

جِنسِي؛ ص. هوبهو- ساڳيو.

جِنسارُ؛ سينگار- آرايش- ناهه ٺوهه. نظارو.

جِنسياتِ؛ ث. مرد ۽ عورت جي جسماني معلومات جو علم.

جَنگِ؛ ث (ف) لڙائي- ويڙهه. جهيڙو. عداوت.

جَنگاوَرُ؛ ص. جنگ جو ڪوڏيو. بهادر- دلير.

جَنگاهُ؛ ذ. وڏي ويڙهه- سخت لڙائي.

جَنگِجُو؛ ص. ويڙهُو- سپاهي.

جنگ جَدَل؛ ث. لڙائي. جهيڙو. فساد.

جَنگِي؛ ص. جنگ جو هٿيار. سپاهي. سورهيه.

جَنگِي ٻيڙو؛ ذ. بحري فوج جا جهاز.

جَنگُ؛ ذ. ٻن ڏينگن يا ٻن مالهن وارو تار. هڪڙي جِلد ۾ ٻڌل ٻه چار ڪتاب. (ص) وڏو.

جَنگو؛ ذ. وڏو وَتو. ڏاچين ڏهڻ جو ٿانءُ.

جَنَمُ؛ ذ (سن) ڄمڻ- ولادت. حياتي- ڄمار.

جَنم ڀُومي؛ ث. ڄمڻ جو هنڌ. اباڻو ڏيهه. وطن.

جَنم پَترِي؛ ث. ٻار جي پيدايش جي وقت لکيل ڪاغذ- تقويم.

جَنُوبُ؛ ذ (ع) ڏکڻ (طرف).

جَنوَرِي؛ ث (انگ) عيسوي سال جو پهريون مهينو.

جُنُون؛ ذ (ع) جِنّ جو ڀاڃو. چريائي. سوداءُ- خبط. خفقان- عشق.

جُنُونِي؛ ص. چَريو- سودائي. خفقاني.

جَنوَهرُ؛ ذ. جَوهَرُ. عرق- سَتُ.

جَنِي؛ ذ (ع. جنين) پيٽ وارو ڪچو ٻار. اولاد.

جَنِي ٻَچو؛ ذ. ٻارڇا- آل عيال.

جَنيو؛ ذ. اهو ترمي ڌاڳو جيڪو هندو ڳچيءَ ۾ پائين- زُنار.

جو؛ حرف اضافت. سندو. جيڪو. جنهن ڪري.

جَوَ؛ ذ. اناج جو هڪ قسم جَوَ جو داڻو. ذرو.

جُوا. جُوئا؛ ث. هار کَٽ جي بازيءَ واري راند (تاس يا ڀاري سان). قُماربازي.

جَوَابُ؛ ذ (ع) ورندي. امتحان جي سوال جو حل. رَدّ- انڪار.

جواب باصواب؛ ذ. اميد مطابق جواب. سهڻو ۽ مناسب جواب.

جواب طلبِي؛ ث. ڇپا ڳاڇا.

جوابده؛ ص. جواب ڏيندڙ- ذميدار.

جوابدِهي؛ ث. ذميداري. ڇپا ڳاڇا.

جَوابدارُ؛ ص. جواب ڏيڻ جو پابند. ذميدار.

جوابدارِي؛ ث. ذميداري- پابندي.

جَوارُ؛ ذ (ع) پاڙو- همسائگي.

جُوار. جُوئَرِ؛ ث. اناج جو هڪ قسم.

جَوازُ؛ ذ (ع) جائز يا درست هجڻ. اجازت جو سبب.

جُوالُ؛ ذ (ف) سامان کڻڻ لاءِ ڪڙيو يا خرزين. ڳوڻين مان ٺهيل وڏو ٻورو.

جَوالا مکي؛ ذ (هہ) ٻرندڙ جبل.

جُوانُ؛ ذ (ف. جَوان) بالغ- سامايل. نَوعمر. مرد- مڙس. بهادر. سورهيه.

جَوان بخت؛ ص. خوش نصيب- سڀاڳو.

جُوانُ جَمانُ؛ ص. ٿوهہ جُوان- اُڌو ساماڻو. نوجوان.

جُوانمَردُ؛ ص. بهادر- دلير.

جُوانمَردي؛ ث. بهادري- دليري.

جُوانِي؛ ث (ف) بلوغت. شباب. جوڀن.

جُواني ماڻڻُ؛ جوانيءَ ۾ ٿي اميدون پوريون ٿيڻ.

جُوانُ؛ ص. جُوانُ.

جَواهرُ؛ ذ (ع. جوهر جو جمع) قيمتي پٿر- هيرو.

جَواهراتِ؛ ث. هيرا- مائڪ.

جواهرِي؛ ص. هيرن جو واپاري.

جوبَنُ؛ ذ (سن. يووَن) جواني- شباب- بلوغت. سُونهن- حُسن. رونق. سينگار.

جوتِ؛ ث (سن) روشني- نُور. چمڪو- تجلو. سهائو- سوجهرو.

جوت جاڳائڻ؛ سوجهرو ڪرڻ. ڏيو ٻارڻ.

جوتش؛ ث (سن) تارن جو علم- علم نجوم.

جوتشِي؛ ث. آسماني تارن جي رفتار ۽ اثر وغيره جو علم ڄاڻيندڙ- نجومي.

جُوتو؛ ذ. جُتيءَ جو هڪ پير. جُتي.

جُوتا هڻڻ؛ موچڙا هڻڻ- پادر هڻڻ. سزا ڏيڻ.

جوتَ؛ ث. رانَ- سَٿر.

جوٹون پيچ: گوڏا پيچي ويهڻ.

جوٽڻُ، جوٽڻُ: م. وهٽ کي ٻڌڻ (هر، نار، گاڏيءَ ۾). مشغول ڪرڻ (ڪم ۾)- رُنڀائڻ.

جوٽڻي ڏيڻ: هٿ ۽ ٻانهن جي زور جي آزمايش. ڪم ۽ ڪنهن سان شامل ٿي جُنبي وڃڻ.

جوٽو: ز. پاڃاريءَ ۾ وهٽ جي ڳچيءَ کي قابو ٻڌڻ لاءِ رسو يا چمڙي جو پٽو. جوٽ- سٽر.

جُوٺ: ث. اوبر (ڪاڌي جي).

جُوٺو: ص. اوباريل (ڪاڌو، پاڻي). ڪُوڙو. ڪوٺو. (ث. جُوٺي).

جوپُ: ص. سگهارو. سگهو. تندرست- چڱو ڀلو.

جُوجِڪي: ث. چڙ يا ڪاوڙ وارو اُدمو. جذبو- پُور- ريچڪ.

جُوجُو: ذ. ٻارن کي ڊيڄارڻ لاءِ فرضي جانور.

جُود: ث (ف. زود) جلدائي- سيگهه. اُدم- سعيو.

جُودُ: ث (ع) سخا. فياضي. ڏات- بخشش.

جُودَت: ث (ع) ڏاهپ. ذهانت. خوبي- گڻ. شفقت.

جودو: ص. سورهيه- بهادر- بانڪو.

جورُ: ذ (ع) ظلم- جَبر- ڏاڍ.

جوروسِتم، جورو و جفا: ث. ظلم ۽ ڏاڍ.

جورابُ: ذ (ع. جُراب) پيرن ۾ پائڻ لاءِ ڪپڙي يا چمڙي جا موزا.

جورائو: ذ. زور- ڏاڍ.

جورو: ذ. وڳو- پوشاڪ (جنهن ۾ ٽي ڪپڙا هجن).

جُوري: ص (انگ) فوجداري مقدمي ۾ جج سان ويٺل ٻيا امين.

جوڙ: ث. بناوت- ڏاهپ- تخليق- خلقت (جَهانَ جي). اڏاوت. سٽاءُ- رِٽَ. قدرت جي ڪاريگري. رياضي موجب ڪن عددن جو مجموعو.

جوڙ اُپٽ: ث. عددن جي جوڙ جو حاصل عدد.

جوڙ ڪٽ: ث. ڏاهه جوڙ. سٽا ۽ رٽا.

جوڙُ: ص. مَٽُ. ٽُل. ڏني. برابر. مقابل. صلاح- رِٽ. ڳنڍُ- ٻن حصن جي ملڻ وارو سَنڌو. ٽانڪو يا ريهُ. عضون جو سَنڌُ. هڪ جهڙو ساڳيو. مثل- وانگر.

جوڙِجيسُ: ظ. مَٽ ثاني. هڪ جهڙو- ساڳيو. مثل- وانگر.

جوڙائڻُ: م. آڏائڻ (جاءِ). ٺهرائڻ (گهر). ڳنڍائڻ.

جوڙ جِنسارُ: ذ. هار سينگار- زيب زينت.

جوڙ جَڪَ: ث. ڏاهه ٺوهه- بندوبست- انتظام.

جوڙڻ: م. جمع ڪرڻ- گڏ ڪرڻ. گڏڻ- ملائڻ. ڳنڍڻ. ڏاهڻ. آڏڻ.

جوڙڻهارُ: ص. ڏاهيندڙ. خلقيندڙ. خداتعاليٰ.

جوڙو: ذ. ٻن شين جو جُٽ- ڍڳن وغيره جي جوڙي. نر ماد. ڪپڙن جو وڳو (سٿڻ، قميص).

جوڙي: ث. ٻن شين جو جُٽ. ٻه شيون. آڏائي تي اُڀيل ڪپڙو- ڪاڏي.

جوڙي پوٽي: ث. سادي ڪپڙي جو وڳو. ڪفن.

جوڙي، جهوڙي: ث. ٻَنَ جي ٻيڙين جو بنڊل. (جيڪو عموما ٢٥ ٻيڙين جو ٿئي).

جوڙيدارُ، جوڙيوالُ: ص. ساٿي- همراه. ڀيچي. ڪم ڪار يا صلاح ۾ جُٽ.

جَوزا: ذ (ع) هڪ آسماني بُرج جو نالو (ٻن جاڙن ٻارن جي شڪل)- مِٿُن.

جُوسُ: ذ (انگ) شوروو. رَسُ (ميوي جو).

جوشُ: ذ (ف) ٽهڪو- اوٻارو. گرمائش. اوبر. جذبو- اُتمو. ڪاوڙ- غصو.

جوش خروش: ذ. هُل هنگامو. جذبو ۽ شوق. اُتساه ۽ اُمنگ.

جوشاندو؛ ذ (ف) پسارڪن وڪرن وارو تهڪايل پاڻي- ڪاڙهو.

جُوع؛ ث (ع) بُکَ- لنگهڻ- فاقو.

جُوفُ؛ ذ (ع. جَوف) پيٽُ- شِڪم. لالچ- طمع.

جُوفو؛ ذ. جُوف.

جُوقُ؛ ذ (ع) گروھ- ٽولو- جماعت.

جوقُ در جوق؛ ذ. ٽولي پٺيان ٽولو. هڪ ٻئي پٺيان ٽولا.

جوڪَرُ؛ ذ (انگ) مسخرو. پتن جي تاس جو هڪ پتو.

جؤڪارِ؛ ث. هڪ قسم جو پسارڪو وڪر (جوَن جي تيلين مان نهيل ڪار).

جوکَمُ؛ ذ. دِپ. قيمتي شيون. نقصان- گهاٽو.

جوکم کڻڻ؛ نفي نقصان جي ذميداري کڻڻ. ڪو ڏکيو ڪم پاڻ تي هموار ڪرڻ. خطري جهڙو ڪم ڪرڻ.

جوکائتو؛ ص. نقصان وارو. انديشي وارو.

جُوکائِي؛ ث. سچائي- کُٽلائي.

جُوکو؛ ذ. دِپ. انديشو نقصان جو.

جُوکو؛ ص. سچو سڪٹو- کُٽل- هٿين خالي.

جوگِيرَ؛ ث. گهٽي کائڻ سبب بدهضمي ۽ چار اوگرائي.

جوڳَ؛ ث. نار يا هرلي ۾ وهندڙ وهٽ (ڍِگو، اُٺ). نار يا هرلي ۾ ٻدل وهٽ جو مُدو (ڏيڍ پهر، ٻه پهر، اڍائي پهر).

جوڳَ ڏيڻ؛ وقت ٽپائڻ لاءِ مدد ڪرڻ. مهل ڪرڻ سزا ڏيڻ. سيڪت ڏيڻ.

جوڳَ وَهڻ؛ مهل سِر مدد ڪرڻ. ٻئي جي پاران ڪم ۾ وَهڻ.

جوڳ؛ ث. هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

جوڳُ؛ ذ (سن. يوگ). جوڳي فقره جي تپسيا. رياضت خواهشن تي ضابطي لاءِ جسماني سختين وارو عمل. ڀنگ يا تاڏل جي چاڻ وارو ڦوڳُ.

جوڳُ پچائڻ؛ رياضت ڪرڻ. ويراڳ وٺي رياضت ڪرڻ. سخت محنت ڪرڻ. ڪشالا ڪڍڻ.

جوڳُ ڏيڻ؛ جوڳي سزا ڏيڻ. سخت سزا ڏيڻ. ڪشالي وارو ڪم وٺڻ.

جوڳو؛ ص. لائق- مناسب- موزون. (ث. جوڳي).

جوڳي جُٽِ ڪرڻ؛ ڏوھ مطابق مناسب سزا ڏيڻ.

جوڳي؛ ص (سن. يوگي) جوڳ پچائيندڙ. تپسيا ڪندڙ. سنياس ورتل هندو فقير- سنياسي. مسلمانن ۾ هڪ ذات. نانگ جهليندڙ (مسلمان فقير. سيلاني فقير (ث. جوڳڻ، جوڳيائي).

جوڳِيا؛ ث. هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

جَولانُ؛ ذ (ع) چڪر- ڦيرو. ڊوڙ. حرڪت. ڪُدَ. جذبو- جوش- اُتمو.

جولان گاه؛ ذ. گهوڙن ڊوڙائڻ جو ميدان. جنگ جو ميدان.

جَولانِي؛ ث (ع) مستي. جوش. تيزي. جذبو- اُمنگ چرپائي. چُستي.

جُولاءِ؛ ث (انگ) عيسوي سال جو ستون مهينو.

جُوه، جُوهه؛ ث. وارن يا ڪپڙن ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ جيت.

جَونڪُ؛ ذ (ع. ذوق) ذوق.

جُوهِ؛ ث. قالب- جسم (جيڪو روح ڪي هن جهان ۾ پيدا ٿيڻ وقت ملي). جم- جنم.

جُوهِ بدلائڻ؛ ث. قالب بدلائڻ- نئون جنم وٺڻ.

جُوِلتُ؛ ص. چوري ٿيل مال جو ڏس پتو ٻڌائيندڙ.

جُوٽِي؛ ث. چوري ٿيل مال يا چور جو پار پتو. چُغلي.

جوهرُ؛ ذ. گهُورَ. طمع جي نظر (ڪاڏي ۾).

جوهرُ وجهڻ؛ ٻئي جي ڪاڏي ۾ نظر وجهڻ. هڪ ٽڪ نهارڻ.

جُوهرَ؛ ث. نظر. نگاه. جهاتي- لِئيو.

جَوهَرُ، جَوهَرُ؛ ذ (ع. جوهر، ف. گوهر) قيمتي پٿر- هيرو- مائِڪُ. خاصيت- گڻ. اصليت. خوبي. هُنر- لياقت. عرق- سَتُ.

جوهر ڏيکارڻ؛ قابليت ڏيکارڻ. خاصيت ڏيکارڻ.

جَوهَرِي، جَوهرِي؛ ص. جواهرن جو واپاري. پرکيندڙ.

جُوهو؛ ذ. وٽن جو جُهڳٽو. جُهونو (واءُ جو). مينهن جو وسڪارو- چوهو.

جوءِ؛ ث. زال- گهَر واري. عورت.

جُوءِ؛ ث (ف) درياءَ. نهر. هنڌ- ماڳ. ايراضي. مال چرڻ جي خاص جاءِ- چراگاه.

جُوئِبار؛ ذ. اها جاءِ جتي گهڻيون نهرون هجن. نهرن واري وادي جبل جو دامن.

جُوئا؛ ث. جُوا.

جُوئرِ؛ ث. جُوارِ (قِسم: ڳاڙهي، ڪِلڻ، ڳرگلي، اچڙي.

جُه، جُهه؛ ظ. جٿي. جڏهن. جيڪڏهن.

جِهاد؛ ذ (ع) ڪافرن سان جنگ (مذهبي فرض طور).

جِهاد اَصغَرِ؛ ث. ڪافرن سان جنگ.

جِهاد اَڪبَر؛ ث. نفس سان جنگ- رياضت.

جُهارُ؛ ذ. بندگي. بندگي وارو جُهڪڻ- نمسڪار. جُهڪي سلام ڪرڻ. سمنڊ جي وڏي وير (چنڊ جي چوڏهين ۽ اٺاويهين تاريخ).

جُهارَڻُ؛ م. جُهڪي سلام ڪرڻ. پُوڄا ڪرڻ.

جَهازُ؛ ذ (ع) سوداگريءَ جو سامان لڏيندڙ ٻيڙو. عوراب- آگبوٽ.

جَهاز راني؛ ث. جهازن کي هلائڻ جو پيشو.

جَهالتَ؛ ث (ع) اڻ ڄاڻائي. بي علمي. ناداني.

جَهانُ؛ ذ (ف) دنيا- سنسار- عالم. ماڻهو.

جَهان، آفرين؛ ص. دنيا کي پيدا ڪندڙ- ڌڻي تعاليٰ.

جَهانِباني؛ ث. بادشاهت. رعيت جي سنڀال.

جَهان پناه؛ ص. دنيا کي پناه ڏيندڙ- بادشاه.

جَهانداري؛ ث. حڪومت- بادشاهي. دنيا ۾ اٿڻ ويهڻ جا طور طريقا.

جَهانديدَه؛ ص. جنهن دنيا کي ڏٺو وائنو هجي. سياح. تجربيڪار.

جَهان گردي؛ ث. سَياحت.

جَهان گشت؛ ص. دنيا ۾ گهمندڙ ڦرندڙ- سياح. سيلاني.

جِهَت؛ ث (ع) طرف- پاس- ڏس.

جُهدُ؛ ذ (ع) ڪوشش. محنت. ڪشالو.

جُهدَ پَئڻ؛ ڏاڪڙا ڏسڻ. تڪليفون ڪيڻ.

جِهَرَ؛ ظ. جنهن وقت- جنهن مهل.

جَهَڙائي؛ ث. مشابهت. ساڳيائي.

جَهڙو؛ ظ. جنهن طرح. وانگر- جيان. (ث. جهڙي).

جَهڙو تهڙو؛ ظ. رواجي- عام. هالو چالو.

جَهلُ؛ ذ (ع) اجايو غصو- ضد. اڻ ڄاڻائي- ناداني. بي علمي.

جَهَنمُ؛ ذ (ع) اونهون کوهه. تحت الثريٰ. دوزخ.

جَهنمِي؛ ص. دوزخي- نرڳي.

جِهو؛ ظ. جهڙو. وانگر- جيان.

جَهيزُ؛ ذ (ع) ڏاجُ- ڏاجو. (گهوٽ ڪنوار جو).

جَٽ، جَٽي؛ ث (سن) فتح- سوب- جيتَ.

جِتان، جيان: ظ. وانگر، جتان.

جِتندڙو: ذ. ٻارڙي کي سوڻ طور ڪن ۾ پاتل والو.

جِياپو: ذ. جيئڻ جو وسيلو. حياتي- زندگي.

جيارڻ: م. جيئرو ڪرڻ. حياتي ڏيڻ. ساهه وجهڻ. زنده ڪرڻ. نئين سر پيدا ڪرڻ (مسئلو).

جيبُ: ذ. کيسو.

جيبُ خرچُ: ذ. کيسي خرچي. کاڌي پيتي کان علاوه ريزڪي خرچ.

جِيتَ: ث. سوڀ- فتح. ڪاميابي.

جِيتُ: ذ. تمام ننڍڙو ساهوارو (اُڏامندڙ، سُرندڙ).

جِيتامُ، جِيتامڙو: ذ. تمام ننڍڙو جيت.

جيتِرو: ظ. جنهن مقدار جو. جنهن قدر.

جِيتَڻُ: م. کَٽڻ- سوڀ ڪرڻ.

جيتوڻيڪ: ظ. جيستائين؛ اگرچه. جيئن ته.

جيجان: ث. ماءُ لاءِ پيار جو لفظ. امڙ- امان. ڪنهن به عورت لاءِ عزت ڀريو لقب.

جيجاڻو: ذ. جُوجُو.

جيجَلَ: ث. ماءُ- امڙ.

جَيِدُ: ص (ع) سٺو- عمدو. سگهارو. زرخيز. اعليٰ قابليت وارو (عالم).

جِيڏُ، جِيڏَلُ: ذ. جِيتُ. ساهوارو (جيت).

جيڏانهن: ظ. جنهن طرف- جنهن پاسي.

جيڏَلَ: ث. ساهيڙي- سَرتي.

جيڏو: ظ. جيتري مقدار جو- مَٽُ- برابر. سرتو- يارُ- دوست.

جيڏو سَرَتو: ذ. هڪ جيڏو يار دوست. (ث. جيڏي سرتي).

جيڏِي: ث. سرتي- ساهيڙي.

جيرَانڊِي: ث. جيرو- ڪليجو.

جيرو: ذ. جگر- ڪليجو.

جيرو جلائڻ: اندر ساڙڻ. صدمي سان دل ڏکوئڻ.

جِيرو: ذ (ف. زيره) هڪ قسم جو سُرهو ٻج.

جِيسُ: ظ. مَٽُ- برابر. ثاني.

جيسين: ظ. جنهن هند تائين- جنهن وقت تائين.

جيشُ: ذ (ع) لشڪر- سپاهه.

جِيفو: ذ (ع) جُوفو. لالچ- طمع. ڍونڍ- مُردار.

جيڪَرَ: ظ. جيئن ته- شال.

جيڪَسِ: ظ. شايد- جيڪَرَ.

جيڪُس، جيڪَسِ: ظ. شايد- جيڪر.

جيڪي: ص. جو ڪجهه.

جيلُ: ذ (انگ) قيد خانو.

جيلخانو: ذ. جيلُ.

جِيَڻُ، جيئَڻُ: م. جيئرو رهڻ- زنده رهڻ. ٽڪڻ. گذارڻ (حياتي).

جيٺو: ظ. ساڄو (هٿ، پاسو).

جِيوُ: ذ (سن) جيئرو. ساهوارو. جِيتُ. جانور.

جِيو هَتيا: ث. ساهواري کي مارڻ.

جِيوَت: ث (سن) زندگي- حياتي.

جِيوَرَڻُ: م. هضم ٿيڻ (کاڌو). ڪو کاڌو طبيعت کي موافق اچڻ (جنهن مان صحت تي سٺو اثر پوي).

جِيوڙو: ذ. ننڍڙو ساهوارو. ننڍڙو جيت.

جِيوَنُ: ز (سن) زندگي- حياتي.

جيهو: ظ. جهڙو. (ث. جيهي).

جِيءُ: ذ (سن. جيو) ساهه- جان. روحُ. اندر. دل- مَن. سَڌ- خواهش. حياتي- زندگي. ٻُت- جسم. سڏ جي جواب ۾ موجودگي ظاهر ڪرڻ. جي ورندي- "ها".

جِيءُ آزائڻ: دل اٽڪائڻ. محبت ڪرڻ. جند ڦاسائڻ.

جيءُ پوڻ: ساهه پوڻ. آن ٿيڻ (پوک ۾).
جيءُ جلائڻ: اندر ساڙڻ. آزارڻ.
جيءُ حضوري: ٺ. خوشامد- چاپلوسي. خوشامد واري حاضري.
جيءُ ڪڙو ڪرڻ: مرضي نه هوندي به قبول ڪرڻ.
جيءُ ڪپائڻ: پاڻ کي جفا ڏيڻ. سخت محنت ڪرڻ.
جيئدانُ: ذ. حياتيءَ جي بخشش- جان بخشي. موت جي بدران زنده رهڻ جي مهلت (معافي).
جيئدان ڏيڻ: موت جي سزا معاف ڪرڻ. حياتي بخش ڪرڻ.
جيئرو: ص. زنده- حيات. (ٺ. جيئري).
جيئرو جاڳندو: ص. زنده سلامت. چڱو ڀلو.
جيئرو ڪرڻ: زنده ڪرڻ. وسري ويل مسئلي کي وري نئين سر ڪڍڻ.
جيئن: ظ. جهڙي طرح- جنهن نموني.

ڄ

ڄ: ٺ. سنڌي "الف- بي" جو ٻارهون اکر. اُچار "ڄي".
ڄاتلُ: ص. معلوم. ڄاتل. سڃاتل.
ڄاتل سُڃاتل: ص. ڄاتل واتل- چڱيءَ طرح واقف.
ڄاڻو: ذ. ناني- نياڻو.
ڄاپڻُ: م. ڄمڻ (پيٽ مان)- جنم وٺڻ.
ڄاپندي ڄامُ: ص. پيدائشي سياڻو. ڄمڻ سان ئي خاص گڻن وارو.
ڄاڃي: ذ. ڄڃ ڪري ايندڙ- گهوٽيتا. ڄڃ ۾ شريڪ. (ماڃي= ڪنواريتا).
ڄاڃي ماڃي: ذ. گهوٽيتا ۽ ڪنواريتا. شاديءَ ۾ شريڪ سيئي دعوتي.
ڄارِ: ٺ. مشهور ٻوٽو ('ڪٻڙ' جو قسم).
ڄارُ: ذ (سن. ڄال) ڌاڳن يا سنهين رسين مان ٺهيل ڄاري (ميڃيءَ ڦاسائڻ لاءِ)- رَڇُ. پکين ڦاسائڻ جي ڄاري- دام. ڪوريئڙي جو اُڻيل ڄارو.
ڄارُ پکيڙڻ: ڦاسائڻ لاءِ منصوبو سِٽڻ. سازش ڪرڻ.
ڄار وڇائڻ: دام پکيڙڻ. ڦاسائڻ لاءِ فريب ڪرڻ.
ڄارائِڻُ: م. ڄمائڻ (ڪير).
ڄارو: ذ. ڪوريئڙي جو گهرن ۽ وڻن ۾ ٺاهيل ڄار. سنهي ڏکوئيندڙ مک (مينهن ۾ ٿئي) "ڪُٽ پڳتر مک گهٽي ڄَري ٿو ڄارو". ٻاڙيٽ جي مٿاڇري تي ڄميل اڇو مادو- سينور. ڏونهين جي ڪارن جو چِٽُ. انب ۾ تاندورن وارو ريشو. ڇاتيءَ ۾ ڄميل بلغم.
ڄارِي: ٺ. هڪ قسم جو سنهون سوراخدار ڪپڙو. لوهي تارُن مان ٺهيل سوراخن واري چادر.
ڄاڙَ: ٺ. ڄاڙِي.
ڄاڙِي: ٺ. وات ۾ هيٺين ڏندن ۽ ڏاڙهن واري هَڏِي (جيڪا کائڻ ۽ ڳالهائڻ وقت هيٺ مٿي ٿئي).
ڄاڙِي هڻڻ: گهڻو ڳالهائڻ. اجائي ٻڪي هڻڻ. بَڪ ڪرڻ.
ڄاڳروُ، ڄاڳري (ٻير): ذ. ڄابلو ٻيرَ جو وڻ (جنهن ۾ ڪنڊا گهڻا ۽ ٻير ننڍا ٿين- چاپرو ٻيرَ.
ڄامَ: ذ. زيتون (ڦل ۽ وڻ. ننگر ٺٽي جي ٻوليءَ ۾).

جامُ: ذ (ف. جام) سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب. بادشاه. سردار . ماڻهوءَ جو نالو.

جامَڙو: ص (سن. وامن) ننڍي قد جو (ماڻهو). اهو ماڻهو جو ڄمڻ ۾ ڳک هڻڻ يا ٻئي ڪنهن سبب ڪري ننڍڙي قد وارو هجي. (ث. جامڙي).

جامڙا: ذ. هڪ ذات جو نالو.

جاموٽ: ذ. "جام" جو تصغير. سردار. وڏيرو. (ث. جامڻ).

جانيو: ذ. تيلي ٻج جو هڪ قسم (پوک ۽ ٻج).

جانگهڙيلُ: ص. ڊگهين ڄنگهن (ٽنگن) وارو.

جانگهو: ذ. ڊگهين ڄنگهن وارو. اُٺ.

جاڻَ: ث. سُڌ- پروڙ. معلومات. واقفيت. آگاهي. سمجهه. عقل- شعور.

جاڻَ سُڃاڻَ: ث. واقفيت- شناسائي.

جاڻُ: ذ. اطلاع. سُڌ. مرڻي جو اطلاع.

جاڻائڻُ: مر. ٻڌائڻ. واقف ڪرڻ. اطلاع ڏيڻ.

جاڻڻُ: مر. واقف ٿيڻ- آگاه ٿيڻ. سڃاڻڻ. سمجهڻ. سهي ڪرڻ- پروڙڻ. معلوم ڪرڻ. محسوس ڪرڻ.

جاڻُهارُ: ص. هميشه جاڻندڙ- عليم. خدا تعالي.

جاڻُو: ص. جاڻندڙ. واقف- شناس. پارکو.

جاڻي: ظ. سمجهي. ارادتا- هاسيڪار.

جاڻي ٻُجهي: ظ. ڏسي وائسي- سوچي سمجهي. ارادي سان.

جاڻي واڻي: ظ. هرويرو- هاسيڪار.

جاوَلُ: ص. جايل (ٻار). پيدا ٿيل (ٻوٽو). جميل (ڪير).

جاهو: ذ. هڪ قسم جو ساهوارو- ٻاڦيهو.

جائي: ث. ڄڻيءَ- نياڻي. (ص) ڄڻيل.

جايو: ص. ڄڻيل. (ذ) پُٽ.

جِبَ: ث. زبان.

جِبي: ث. ٻاهه جي لاٽ- شعلو. اُلو.

جَٽُ: ص. ٻهراڙيءَ جو- ديهاتي. سادو سُودو- ڀالو ڀولو. اڻ واقف. ناتجربيڪار. بيوقوف.

جَٽڪو ڏُڪو: ذ. بيوقوفيءَ وارو فيصلو.

جَڃَ: ث (سن. جَنيه) شاديءَ ۾ گهوٽيتي طرف جا دعوتي- جاڃي.

جَرَ: ث. ٻاهه- آگ. جبي. لهسَ. پاڻيءَ جو هڪ جيت- جوڙَ. ويم ڪان پوءِ پيٽ نڪتل غدود (ٻار يا ڦر جي ڏن سان ڳنڍيل هوندو آهي)- اورَ.

جَرائڻُ: مر. جَرائڻ.

جَرائڻُ: مر. ٻاهه ڏيڻ. جبي ڏيڻ. ساڙڻ- ٻارڻ.

جَرکو: ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم.

جَرمُ: ذ (سن. جنم) نسل- پيڙهي. حياء شرم.

جَرڻُ: مر. سخت سيڪ ڏيڻ- سڙڻ. ساڙڻ 'ٻاهه جو جبيءَ سان جرڻ'.

جَري جِلڻ: ڏاڍي مار ڏيڻ.

جَرهه: ث. جرَ- پاڙ.

جَرهه ڪڍڻ: پاڙ پٽڻ- بيک ڪڍڻ. گهڻو هلائي ٿڪائڻ.

جُڪَ: ث. ڄَپُ- لِڪَ. جُهڪي ويهڻ.

جُڪَ هڻڻ: لِڪي هڪ هنڌ ڪرونڊڙو ٿي ويهڻ.

جُڪڻُ: مر. لِڪڻ- ڄَپڻ. جُهڪي ويهڻ (لِڪڻ جي ارادي سان). موقعي جي انتظار ۾ لِڪي ويهڻ.

جِلڻُ: مر (سرائڪي) هلڻ- وڃڻ.

جِلهه: ث. چيڪي مٽي واري گپَ. سُستي- آرس.

جَمُ: ذ (سن. جَن= جمڻ) جنم. جمارَ- عمر. اولاد. ٻارُ (ڄيڻ جو).

جَمارَ: ث. عمر. اوستا. حياتي- زندگي.

جَمائِڻُ، م. ڄؤنرو ڪرڻ (کير). ڄماڻ. ڪُپائڻ. ڏاڍو ڪرڻ. برف ڪرڻ (پاڻي). دٻاڻ- هيسائڻ.

جَمَتِ، ث. دٻاءُ- ضابطو. رعب داب.

جَمَڻُ، م. ڄؤنرو ٿيڻ (کير). برف ٿيڻ (پاڻي). سخت ٿيڻ. ڄمڻ. اُڀرڻ (سَلو). پيدا ٿيڻ (ٻار، ڦُر).

جَمُون، ذ. هڪ وڻ ۽ ان جو ڦُرُ (ميوو).

جُنبا، ذ (جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ) مٿي جا وارَ- ڄِٽا. مُنجهيل ۽ اٽيا وارَ.

جُنباپَٽَ، ث. زنانو جهيڙو.

جُنبا پَٽڻ، زالن جو جهيڙي ۾ هڪ ٻئي جا وارَ پٽڻ. جهيڙو ڪرڻ.

جُنبو، ذ. عورت جي مٿي جا وارَ، چوٽِي.

جَنگهہَ، ث. ٽَنگَ. رانَ- سَٿرَ.

جَنگهون هڻڻ، ٽنگون هڻڻ. تمام گهڻو پنڌ ڪرڻ. گهڻو هلڻ.

جَنِ، ظ. جيئن- وانگر- اٿين.

جَنُ، جَنِ، ذ (سن. جَن) وِياءُ. نسل- پيڙهي. ٻُڻ- ڪيڙُ. ماڻهو.

جَڻائِڻُ، م. ويم ڪرائڻ (عورت يا جانور کي).

جَڻڻُ، م (سن. جَن) جنم ڏيڻ. ٻچو ڏيڻ. هٿ پير لهڻ.

جَڻو، ذ. مرد. ماڻهو- شخص. اڪيلو- ڇڙو.

جَڻِي، ث. عورت. زال. هڪڙي عورت.

جَولڻُ، م. ڳولڻ.

جَوَ، جَئو، ث. لاکَ. ڳاڙهي لاکَ.

جَوَ، جَئو، ذ. هڪ قسم جو جيت (جو اڪثر ڪُڪڙن، ڳائي يا ٻاڪري مال ۾ ٿئي).

جؤرَ، جَئورَ، ث. پاڻي جو هڪ جيت (جيڪو ڪنهن ٻہ ساهواري جي جسم مان رت چُوسي ٿو). ويم کان پوءِ پيٽ مان نڪتل مادو. جَرَ.

جَٿِي، ث. سَنهڙي آڇي جُونءِ- لِيکَ.

جيٺُ، ذ. سنبت سال جو ٽيون مهينو.

جيرو، ذ. ٻاهر- آگ. ڇِپي- شملو.

جهہ

جهہ، ث. سنڌي "الف- بي" جو تيرهون اکر. اُچار "جهي".

جهاٻو، ذ. ٽؤنر (سُٽ يا پَٽ جو). ڦُندَڻ (جيڪو سُونهن خاطر وَهٽ کي ٻڌجي). هڪ قسم جو ڳهہ- چوٽي ڦُل.

جهاتِ، ث. جهاتِي.

جهاتِي، ث. لِيو- لياڪو. لحظي لاءِ مُنهن ٻاهر ڪڍي ڏسڻ.

جهاتيون پائڻ، لڪي لڪي ڏسڻ- لياڪا پائڻ.

جهاٽَ، ث. جَهپُ- جهڙپَ- جَهٽُ.

جهاٽُو، جهاٽِي، ص. جَهٽ هڻندڙ (ڦُرڻ يا ڪسڻ لاءِ).

جهاٽِڪو، ذ. غيرمسلمانن جو جانورن کي ڪُهڻ جو هڪ نمونو (جنهن ۾ هڪ ئي وار سان ڳچي وڍجي وڃي).

جهاجهہَ، ث. گهڻائي (پاڻيءَ جي). اونهون ۽ گهڻو پاڻي. جهجهائي.

جهاجهہَ ۾ پوڻ، گهَڻ ۾ پوڻ. ٻَڪ ۾ پوڻ. اجائي

بَڪ ڪرڻ. گهٽو ڳالهائڻ. اِينگهہ ڪرڻ (ڪم ۾).

جهارِ: ث. پکين جي گهَٽِ (جيڪا پوک تي ويهي ۽ اَن کائي).

جهارِ هَڪلڻ: پوک تان پکي هڪلڻ. نظر ڪان بچائڻ- حفاظت ڪرڻ.

جهارو: ذ. تمام ڇڊي لسي يا پنگ (جنهن ۾ گهٽو پاڻي پيل هجي). لامارو (پکيءَ جو).

جهاڙ: ث. منتر- ٽوٽو. نانگ بلا جي ڪَک جو اثر لاهڻ لاءِ خاص منتر.

جهاڙ وجهڻ، جهاڙ رکڻ: ڪکيل ماڻهو تي ٽوٽو ڦيٽو پڙهي زهر جو اثر لاهڻ. ڪنهن ماڻهو کي اتڪل سان پنهنجي اثر هيٺ آڻڻ.

جهاڙُ: ذ. وڻ- درخت.

جهاڙڻُ: م. جهاڙ وجهڻ. نظر ۾ رکڻ- تاڙڻ. ٻُهارڻ- ڪٽي وجهڻ.

جهاڙو: ذ. گونهہ- ڪِرڦتي.

جهاڙُو: ذ. ٻهارو. تلاشي (چوري ٿيل سامان جي).

جهاڙُو ڏيڻ: ٻهاري ڏيئي صفائي ڪرڻ. گهر جي تلاشي وٺڻ. الهوتلهو ڪٽي وجهڻ.

جهاڙُو وٺڻ: چوريءَ جي شڪ ۾ تلاشي وٺڻ (ماڻهو يا گهَر جي).

جهاڪڻُ: م. جهاتي پائڻ. جهانڪڻ.

جهاڪو: ذ. رستي جو ڪڏ کوٻو- جهانڪو.

جهاڳَ: ث. ڦين- ڳجي- جهَڳ. ڳَڦَ.

جهاڳڻُ: م. تانگهي پاڻيءَ مان هلڻ. پار پوڻ (پاڻي مان). وڏو سفر ڪرڻ.

جهاڳورَ: ث. ڇاڇولَ (پاڻيءَ ۾). ڏانڏول. ڏاڍي مارَ (جنهن ۾ هڏ گڏ هيٺا ٿين). جهڳورَ.

جهاڳورَ ڪڍڻ: لتن مڪن سان سٽڻ. ڏاڍي مار ڪڍڻ.

جهاڳورَڻُ: م. ڇاڇولڻ. پاڻيءَ ۾ وڏي ڏانڏول ڪرڻ. ميري ڪپڙي کي مُکن سان سٽي صاف ڪرڻ. ڏاڍي مار ڏيڻ.

جهالائُو: ص. جڙدار- ديرپا.

جهالرَ: ث. موتين وغيره جي سَرُن مان ٺاهيل پانڪَ (جيڪي ڪنارين تي هٽجي). ٽوٽرن وغيره جي قطار. ڪن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهہ.

جهانپُوٽو: ز. جَهپ- جَهٽ.

جهانپو: ص. اکين ۾ ڏُنڌ سبب گهٽ نظر وارو.

جهانجهہَ: ث. هڪ قسم جو ساز.

جهانجَهر: ث. پيرن جو هڪ ڳهہ- پازيب.

جهانجِهرو: ص. پنڌ جو تکو- تيز رفتار. ڦڙت.

جهانڪَڻُ: م. جهاتيون پائڻ- لياڪا پائڻ. لِڪي لِڪي ڏسڻ.

جهانڪو: ذ. ڪڏو (رستي ۾). ڪڏي سبب آيل لوڏو.

جهانگي: ص. جهنگَ جو رهاڪو. جهنگ جو مارُو ماڻهو. جهنگ جي ڏٽ وغيره تي گذران ڪندڙ. (ث. جهانگياڻي).

جهانورو: ص. اکين ۾ ڏُنڌ جي بيماري سبب گهٽ ڏسندڙ- ڇنجهو.

جهانءِ: ث. واڃي جو جهڪو مٺو آواز. ڳهہ جو هڪ قسم (جيڪو مچلين جي جهالر سبب ڇمڪي وارو ٿئي).

جهانٺُون: ذ. پيرن تان مَرُ لاهڻ لاءِ کَهري سرَ يا پٿر.

جهاڻُو: ذ. لٺو (وڻ).

جَهبُ: ص. پربور. تيل يا سٽيپ سان پريل.

جَهبَ: ث. ڇاڇولَ (پاڻيءَ ۾). وِلوڙ.

جَهَبٽِ: ث. اثر (تڏ يا جهولي جو). ڇپيٽ (بيماريءَ

جي).

جَهڙڪو؛ ذ. ولوڙڻ جو آواز.

جَهلو؛ ص. ويڪرو- خلاصو (پهراڻ، چولو، ڪوٽ).

جُهبَڻُ، جُهٻڻُ؛ م. پاڻيءَ ۾ هٿ وجهي لوڙڻ- لُٻڻ. گهڻو تيل يا گيهه وجهي سٽيو ڪرڻ (ماني يا وارن ڪي).

جُهبو؛ ذ. قياس- ڪهل. چڪي (دل کي).

جِهٻي؛ ث. چٻي- سَٽ. چڪَ (لغام ڪي). چٻي (دل کي). ڪهلَ.

جُهبيرَ؛ ذ. هڪ ذات جو نالو.

جَهتِ؛ ث. نندڙين ڪَندين يا ڇارين جو ڳتيل جهڳٽو. متي جا اٿيا وار.

جَهتَ؛ گهڙِي- ساعت. ٿوري دير.

جَهتِ، جَهتُ؛ ظ. جلد- يڪدم- ترت.

جهَتِ ٿي وڃڻ؛ دير ٿي ڪانه لڳڻ. اک ڇنڀ ۾ ٿيڻ.

جهَتِ ڪرڻ؛ جلدي ڪرڻ- سيگهه ڪرڻ.

جهَتُ؛ ذ. ڪسڻ جو عمل. جهَپُ- جَهڙپَ. لامارو. چڪُ (ڪتي يا جانور جو). موقعو- داءُ.

جَهتُ جهُوڙِي؛ ذ. ڦرمار- ڦرلٽَ.

جَهتُ وجهڻ؛ چڪ وجهڻ. ڪاوڙ مان تکو ڳالهائڻ.

جَهتِ پَٽِ؛ ظ. تمام جلدي- يڪدم. ٺهه ٺهه- تڙي ڪڙي- اٽي جو اٽي.

جُهتَ؛ ث. جوٽَ- سٽَر.

جهُتَ پٽڻ؛ جوٽون پٽڻ. ڪشالا ڪڍڻ.

جَهٽِڪَڻُ؛ م. جهٽڪو ڏيڻ. ڇنڊڻ (ٻانهن کي).

جَهٽِڪو؛ ذ. لوڏو- ٺيلهو. ڇنڊڪو. وسڪارو (مينهن جو).

جُهٽڪو؛ ذ. جهوٽو (هوا جو). پنڪي (ننڊ جي).

جَهٽَڻُ، جَهٽِڻُ؛ م. هوا ۾ اڇليل شيءِ کي جهلڻ- جهپڻ. هوا ۾ پڪڙڻ. اڌامندڙ کي وٺڻ. اثر وٺڻ (دليل، خيال، نظريي جو).

جَهٽِي؛ ث. جهَٽُ- جَهپُ.

جَهٽيون هڻڻ؛ ڦر ڪرڻ. زوري کسڻ. ٽڳيون ڪرڻ. ٺڳيون چوريون ڪرڻ.

جَهپَ؛ ث. ننڊ جو جهُوٽو- پنڪي.

جهَپُ؛ ذ. جهَٽُ- لامارو.

جَهَپَٽُ؛ ذ. جَهپُ.

جَهپَڻُ؛ م. جهٽ هڻڻ. لامارو ڏيڻ.

جَهپجَڻُ؛ م. جهٽجڻ. گهٽجڻ (رنگ، چلڪ).

جَهپڪو؛ ذ. جهَٽُ- جهَپُ.

جَهپڪِي؛ ث. ننڊ جي ڳهَر- پنڪي.

جَهپَڻُ، جَهپڻُ؛ م. جهپ هڻي کسڻ. هوا ۾ اڌامندي جهلڻ. گهٽجڻ (رونق، چلڪو).

جَهپو؛ ذ. جَهپُ- جَهتُ. لامارو.

جِهجَڻُ؛ م. اندر ۾ ٻرڻ (ڏک کان). تمام گهڻو ڏک ٿيڻ. وِجهلڻُ. سوز گداز کان هيڻائي ٿيڻ.

جَهجهائي؛ ث. گهڻائي- ڪثرت.

جِهجَهڪَ؛ ث. هٻڪ. گهٻراهٽ. حجاب.

جَهجهو؛ ص. گهڻو. حد کان وڌيڪ.

جُهڏو؛ ذ. ڪَڏ يا ڇُرَ (جنهن جو مٿيون پاسو ڇت وانگر وڌيل هجي)- ڪوپَ. پاڻيءَ جي ڪڏ- ڪُوڙِ. (ص) پراڻو- جهونو.

جهُرِ جهُرِ؛ ث. وري وري چوڻ- گهٻي.

جهَرجَهنگُ؛ ذ. پوڙو ۽ جهنگ. (ظ) هرجڳهه.

جهُرجهُنو؛ ص. ڳريل ۽ سڙيل. پڳل ٽُٽل. زبون.

جِهرڪُ؛ ذ. هڪ مشهور پکي- چِڙو.

جِهرڪِي؛ ث. جهرڪ جي مادي- چِڙي.

جَهرڪَڻُ؛ م. جرَڪڻ- چمڪڻ.

جهرمٽ: ذ. انبوهہ. ميڙ. هجوم. تولو.

جهرمر: ث. چمڪو. پاڻيءَ ۾ ترورن جو اولڙو. تارن جو ٽمڪو. گهڻين بتين جي روشني. رونق.

جهرمري: ث. اُها دري جنهن ۾ پٿيون لڳل هجن ۽ پٿيون هيٺ مٿي ڪري روشني يا اونده ڪري سگهجي.

جهرَڻ: م. جنسي خواهش جو غلبو ٿيڻ. شهوت ٿيڻ.

جهرَڻ: م. جهور ٿيڻ. جهونو ٿيڻ. پچي پوڻ. زبون ٿيڻ. ڏکڻ (ڦٽ ڦرڙي). زخم ٿيڻ. ڏکوئجڻ.

جهرڻو: ذ. ڦوهارو. مٿان ڪرندڙ پاڻي. آبشار.

جهرڻو: ذ. ڏوٽري کي هٿ سان ولوڙڻ لاءِ ڪاٺيءَ مان نهيل ننڍو منڌيٽڙو.

جهَرو: ص. شيرين اکين وارو. اچن ۽ ڳاڙهن ڇٽن وارو ڍڳو.

جهروڪ: ذ. محلات يا ماڙيءَ جي جاريدار دري يا چڇهري.

جهروڪو: ذ. جارو- ڳڙک. ننڍي دري. ڪچو گهر.

جهري: ث. سامونڊي لهر. وير. دَر يا دريءَ جي وٿي يا سير.

جهُري: ث. ڪپڙي جي تند نڪرڻ سان ٿيل وٿي. گهنج.

جهُريون پوڻ: ڪپڙي ۾ ڏاريون پوڻ. مُنهن ۾ گهنج پوڻ.

جهُريَل: ص. پڳل (ڪاٺي، عضوو). جهونو.

جهڙ: ث. مُرڻي وارو ڏک. رهڙ.

جهڙ ڪڻڻ: دب ڪرڻ- مال چاڙهڻ. ڏڙڪو ڏيڻ.

جهُڙ: ذ. ڪڪرن جي لس. ڪڪرن سان آسمان ڇانئجڻ.

جهُڙالو: ذ. جهُڙ ۽ ڪڪر. ميگهه ملار.

جهَڙتي: ث. تلاشي. جهاڙو.

جهَڙپ: ث. جهپٽ (ٽڏ يا جهولي جي). اثر (جن ڀوت جو). چپيٽ. حملو. جهيڙو- تڪرار.

جهڙپ لڳڻ: بيماريءَ جو اثر ٿيڻ. چپيٽ اچڻ.

جهڙپ: ذ. جهٽ- جهَپ. لامارو.

جهڙپڻ: م. جهپ هڻي ڪٺي وجڻ. کسڻ. اوچتو ڪٺي وجڻ. جهٽڻ.

جهڙپو: ذ. جهڙپ.

جهڙ ڦڙ، جهڙي ڦڙي: ث. مينهوڳي. مينهن جي منڊَ. برسات. بُوند بوند.

جهڙڪو: ذ. چپيٽ. پڙڪو (باهہ جو).

جهڙڪ، جهڙڳو: ذ. پيڙ (باهہ جو)- پڙڪو. جنگ- لڙائي.

جهڙڻ: م. وڍڻ- ڪپڻ. سٽڻ ڪُٽڻ. مارڻ. ڳرڻ- وجهڻ. تڪو ڪاهڻ (پنڌ).

جهڙي: ث. مينهن جي جهڪور.

جهڪ: ث. مٽيءَ وارو طوفان- واچ. بَڪ بَڪ. اجايون ڳالهيون. اجايو بحث. جهڳي. (ص) اجائي بَڪ ڪندڙ. گهڻو ڳائيندڙ. گهڻو ڳائيندڙ پوڙهي عورت.

جهُڪ: ذ. ڪُب- خَمُ هيٺاهين- نمندي.

جهڪاڻ، جهڪائي: ث. هيٺاهين- نمندي (زمين). لاهي. گهٽتائي- ڪمي- ٿورائي.

جهُڪائڻ: م. نمائڻ- نوڙائڻ. هيٺ ڪرڻ (مٿو، اکيون). هُشائڻ (اُٺ). آڻ مڃائڻ. زوري مڃائڻ.

جهُڪڻ: م. نمڻ. نوڙڻ. ڪُبڙو ٿيڻ. هيٺ ٿيڻ. لاڙو ڪرڻ. مائل ٿيڻ. آڻ مڃڻ.

جهَڪو: ص. هيٺ تي نميل. لهوارو. گهٽ- ڪسو. هلڪو (رنگ). گهٽيل (مُلهہ يا سُونهن ۾). هيٺو (زور ۾).

جهَڪو ٿيڻ: ڪاوڙ يري ڪرڻ.يرو هلڻ. سُست ٿيڻ.

جهَڪورَ: ث. هوا سان گڏ مينهن جو سخت وسڪارو. لاڳيتو مِنهن جو وسڪارو. لاڳيتو مينهُن.

جهَڳَ: ث. گجِي- ڦِين. گِڦَ. بڪَ- ٻَخِي.

جھُڳٽو: ذ. ٿوري تعداد ۾ وڻَ ۽ ٻوٽا. ٿورن وڻن جو جھُنڊُ.

جهَڳِ جهَڳِ: ث. زباني تڪرار. بحث مباحثو. بيسُود ڳالهيون.

جهَڳڙُ: ذ. باز (پکي) جو هڪ قسم.

جهَڳڙالو، جهَڳڙائي: ص. فسادي. جهيڙاڪ. ٽَڏائي.

جهَڳڙَڻُ: م. جهيڙو ڪرڻ. بحث ڪرڻ.

جهَڳِڙو: ذ. جهيڙو- تڪرار. دنگو- فساد. بحث.

جهَڳ مڳِ: ث. چمڪاٽ- جَهلڪا. رونق- جهرمِر. جنسار.

جھُڳڻُ، جھُڳِڻُ: م. ولوڙڻ (ڪير) لَڀڻُ (پاڻي) ڇاڇولڻ.

جھُڳو: ذ. ڪکائون گهر. ٻُونگو گهَرُ.

جھُڳو جهَڻِ ٿيڻ: گهر برباد ٿيڻ. سڀ ڪجهه ناس ٿيڻ. ڏاڍو نقصان ٿيڻ.

جهڳورَ: ث. جهاڳورَ.

جهَڳورَڻُ: م. ڇاڇولڻ. مَنارَڻ. ولوڙڻ. مار ڏيئي هڏ گڏ ڀڃڻ. ڏاڍي مارَ ڏيڻ. جهاڳورڻ.

جهَڳِي: ث. ٻَڪ- ٻخي. اجايو ڳالهاءُ.

جهڳي هڻڻ: اجائي ٻڪ ڪرڻ. گهڻو ڳالهائڻ.

جھُڳِي: ث. ٻُونگي. ڪکائين جهوپڙي.

جهَلَ: ث. روڪ- منع. آڏر- ٽيڪ (ڀت يا ڇت کي). ٽيڪ ڏيڻ لاءِ ڪاٺي يا ٿُوڻي.

جھُلَ: ث (ع. جُل) گهوڙي يا وهٽ جي مٿان وجهڻ لاءِ ڪپڙو.

جهَلَ پَلَ: ث. روڪ- منع- بندش.

جهَلِجَڻُ: م. ولجڻ- قابو ٿيڻ. پڪڙجڻ. بيماري ۾ ولجڻ.

جهَلڪَ: ث. چمڪو. جلوو. ٿوريءَ دير لاءِ نظارو.

جهَلڪارَڻُ: م. جهلڪا ڏيڻ. چمڪاٽ ڪرڻ. تجلا ڏيڻ.

جهَلڪارو: ذ. چمڪو. تجلو.

جهَلڪَڻُ: م. چمڪڻ. ظاهر ٿيڻ.

جهَلڪو: ذ. ٿوريءَ دير لاءِ ڏيکاءُ- نظارو. چمڪو- تجلو.

جهَلڪِي: ث. جَهلڪ. ڏيکاءُ. چمڪو.

جهَلڻُ، جهَلِڻُ: م. هٿ ۾ وٺڻ. پڪڙڻ. قابو ڪرڻ. گرفتار ڪرڻ. منع ڪرڻ- روڪڻ.

جھُلڻُ: م. لڏڻ- جھُولڻ. (ص) لڏڻِ- سهڻو- حَسِين. پيارو.

جهَلو: ذ. آڏ- ٽيڪ. بچاءُ. جٽاءُ- پائداري. سهارو.

جهَلِي: ث. هوا لاءِ ڇت ۾ ٽنگيل وڏو پکو (جيڪو لوڏڻ سان هوا ڏئي).

جهِلِي: ث. پيٽ جي کَلَ کان اندريون پردو.

جهِمَ: ث. هيٺاهين زمين- نشيب- نوڻِ. ڇِبي- سَٽَ.

جھُمٽُ، جھُمٽو: ذ. وڻن جو جھُنڊ- جھُڳٽو.

جهَمِٽي: ث. سنڌ جي ٽالپور اميرن جي سواري لاءِ دريائي ٻيڙي. اُها ڪٽ جنهن ۾ واڻَ جي بدران تختا لڳل هجن. ڪن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهڻُ.

جھُمِرُ: ث. هڪ قسم جو ناچ.

جھُمِرِي: ث. "جھُمِر" ناچ ۾ گهُمري (ڦيري).

جھُمِريون پائڻ: خوشيءَ مان ڦيريون پائڻ. ڦيريون

پاڻي نچڻ. ٽينگ ٽپا ڏيڻ.

جِهمَڻُ: مر. ٽِمڻ. ٽمٽار ٿيڻ (سٿڀ يا پاڻيءَ مان). نِوڙڻ. جُهڪڻ (ڇت). بار سببان جُهڪڻ.

جِهنجهہُ: ص. ٽمٽار (ميوي سان وڻ).

جَهنجَهٽُ: ذ. جهڳڙو- ڦڏو. جَنجل- خفو- ڪاپارو.

جِهنجِهڻو: ذ. ٻارن جو هڪ رانديڪو (ڪاٺ يا لوهہ جو سوراخدار گولڙو جنهن ۾ ڇمڪي لاءِ ڪڪرا پيل هجن).

جِهنجهڻو وڄائڻ: راضي ڪرڻ لاءِ حيلا هلائڻ. سمجهائڻ لاءِ گهڻو مٿو هڻڻ.

جِهنجهوڙڻُ: مر. ڏوڏڻ. سجاڳ ڪرڻ.

جَهنڊِ، جِهنڊَ: ث. نئين ڄاول ٻار (ٻُٽ) جا پهريان پيدائشي وارَ.

جُهنڊُ: ذ. ٽولو. ڌڻ. ڪڪر (مڇرن جو). ٻَرو (پکين جو). وڻن جو ويڙهہ.

جُهنڊِ، جُهنڊُ: ذ. ڪپڙي سان ويڙهيل مُنهن (جئن سڃاڻپ نہ ٿئي)- ٻُٽَ. ٻاٽولي هٿي ڪپڙي سان پاڻ کي سڄو ڍڪڻ- گهنڊ.

جَهنڊو: ذ. عَلم. انگاس. نشان واري بيرق.

جَهنڊو کڻڻ: اڳواڻي ڪرڻ. شروعات ڪرڻ.

جَهنڊوڻو: ص. اهو ٻار جنهن جي مٿي جا وار لٿل نہ هجن. وڏن وارن وارو.

جَهنڊِي: ث. ننڍو جهنڊو- ٻانڌڻي. ريل گاڏيءَ کي هلائڻ يا بيهارڻ جي نشان واري جَهنڊي.

جِهنڪارَ: ث. ساز جو واڄو. ڳهہَ جو ڇملو.

جَهنگُ: ذ. ٻَنُ- ٻيلو. وڻ ٽڻ.

جهنگ کڻڻ: ٻنيءَ مان بيڪار ٻوٽا کڻي پوک لاءِ زمين صاف ڪرڻ.

جَهنگَ ٻِلو، جَهنگراڙ ٻِلو: ذ. جهنگلي ٻلو.

جَهنگَ ڪُڪُڙُ: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

جَهنگلُ: ذ. جَهنگُ.

جَهنگل ۾ مَنگل: ذ. سُڃَ ۾ وڻڪار. سُڃ ۾ آبادي ۽ رونق.

جَهنگِلو: ذ. ڪاٺي يا لوهي سيخُن جو ڪٺهڙو. هڪ راڳڻي جو نالو.

جَهنگِلي: ص. جهنگ جو. اڻ سڌريل. وحشي.

جِهنگڻُ: مر. مکين جو آواز ڪرڻ. مکيون ويهڻ (ڪاڌي جي شيءِ تي).

جِهنو: ص. جُهونو.

جَهڻ: ث. مَهي. گهاٽو ڏڌ. لسي- ڏڌ.

جَهڻ مَکڻُ ڪرڻ: گڏوچڙ ڪرڻ. معاملو مُنجهائڻ.

جُهڻ جُهڻ: ث. رِنجهہ ڪِنجهہ- گهَي.

جِهڻڪَ: ث. تنبيهہ- جُٽ. جٽ ڦٽ. ناراضگي مان سمجهائي.

جِهڻڪَڻُ: مر. جُٽ ڪرڻ- تنبيهہ ڪرڻ. نِندَڻُ.

جهوتَ: ث. جهاتي- لياڪو. نظر وجهڻ.

جهوتو ڏيڻ: هِتي هُتي اجايون جهاتيون پائڻ. در در پِٽڪڻ.

جُهوٽو: ذ. لوڏو (پينگهہ يا واءَ جو). ننڊ جي خمار ۾ لوڏو- اوجهرائي.

جُهوٽا کائڻ: لوڏا کائڻ (پينگهہ جا). پنڪيون کائڻ. ويٺي ويٺي ننڊ ڪرڻ ۾ لوڏا کائڻ.

جُهوپِڙو: ذ. ننڍڙو ککائون گهر. جُهڳو.

جُهوپِڙِي: ث. تمام ننڍڙي جُهڳِي.

جُهوپو: ذ. ککائون گهر. پُونگو- جُهڳو.

جُهوجهُو: ذ. ڏڏ ولوڙڻ جو آواز. ٻارن کي ڊيڄارڻ لاءِ خيالي جانور.

جهورَ: ث. مارڪٽَ. سَٽڪو (مينهن جو).

جهورَ جَهڪورَ: ث. برسات جو لڳاتار وساڪرو.
جهُورِ: ص. جهُريل– پڳل. زبون. پُرالو. پوڙهو.
جهورالو: ذ. ايذاء. ڏک سُور. ڳٽتي– ڳارالو.
جهورَڻُ، جهورِڻُ: پچڻ– پُڪا ڪرڻ. زبون ڪرڻ. ڏکوئڻ– ايذائڻ. سَتَڻ ڪَٽڻ.
جهورِي: ث. ڳٽتي– وِجهُلَ. پريشاني. اُلٽڻ– چوراکورا. سِڪَ– اُڪنڊَ.
جهُوڙو: ذ. سُٽَ يا پَٽ جو ڦُندڻ– ٽوڻر. وانگوڙو. سائي گاهه جو ڳنو.
جهُوڙِي: ث. پن جي بيڙين جي جُوڙي (پنجويهه پيڙيون).
جهوڪَ: ث. نمندِي– هيٺاهين (زمين). بينڪ (اُٺن جي). اُٺن جي ويهڪ وارو هنڌ. رات جو بارگير اُٺن جي منزل. ماڳ– منزل. اڳتي سيرڻ لاءِ چوڪَ.
جهوڪَڻُ، جهوڪِڻُ: م. ڏِڪڻ. زوري اندر وجهڻ– ڦسڻ. ڏٽي پرڻ. سورڻ (باهه ۾ ڪاٺيون).
جهولَ: ث. چولي يا پهراڻ جو اڳو. دامن– پلئه. جهولِي.
جهولَ جهلڻ: خيرات وٺڻ. مراد پنڻ. باجهه گهُرڻ.
جهولُ: ذ. هيٺاهين زمين– نشيب. درياهه جي ڪاڙ وارو اونهون هنڌ (جتي درياهه جي لاٿ بعد به پاڻي بيٺو رهي). درياهه جو اونهي پاڻي وارو وهڪرو. ڀرائي (سٽ، ڪپڙي، نوڙيءَ وغيره جي تندن جي).
جهُولَڻُ: م. لُڏڻ. لٽڪڻ. جهُومڻ. ڪنڌ هڻڻ (غيبات جي اثر کان).
جهُولِٽو: ذ. پينگهو. جَهلِي (جت ۾ ٻڌل).
جهولو: ذ. اونهاري جي گرم هوا– لُوهه– لڪَ. لڪَ جو اثر.
جهُولو: ذ. لوڏ– پينگهه. پينگهو.

جهولِي: ث. جهولَ. ٻار کي لوڏڻ لاءِ ڪپڙي جي لوڏ. چولي يا پهراڻ جو اڳو– دامن. ڪپڙي جي ڳوٿري (خيرات وٺڻ لاءِ). گودِ– هَنجَهه.
جهولي جهلڻ: خيرات وٺڻ لاءِ پلئه جهلڻ. مدد گهرڻ. پنڻ.
جهُومَرُ: ذ. ڳهه جو هڪ قسم (پيشانيءَ جو).
جهُومَڪُ: ذ. ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه.
جهُومَڻُ: م. نشي يا مستيءَ ۾ لڏڻ.
جهُونجهَ: ث. لڙائي– جنگ. جهيڙو.
جهُونجهارُ: ص. ويڙهاڪ– جنگجو. سورهيه– مانجهي. بهادر.
جهُونگارَ: ث. جهيڻي آواز سان ڳائڻ. چوپائي مال کي پهرائڻ لاءِ ٺارن جو خاص آواز.
جهُونگارَڻُ: م. آهستي پڙهڻ يا ڳائڻ– پنهنجي مُنهن سُر سان چوڻ.
جهُونو: ص. پراڻو– کُهنو. قديم– اڳاٽو. پُٽو– زبون" پوڙهو(ث. جهُونِي).
جهيرُ: ذ. چِيرُ– شگاف. زخم. ڪپڙي ۾ وچان تندن نڪرڻ سببان ٽيل گهارِي. چَهڪُ– وَڏُ.
جهيرڙو: ذ. جهِرڙو. منڌيڙو.
جهيڙاڪُ: ص. جهيڙو ڪندڙ. ويڙهاڪ. فسادي.
جهيڙَڻُ: م. جهيڙو ڪرڻ. وڙهڻ جنگ ڪرڻ.
جهيڙو: ذ. جهڳڙو– ويڙهه. تڪرار– معاملو.
جهيڙو جهٽو: ذ. دنگو فساد. ويڙهه جهيڙَ.
جِهيلَ: ث. ڌيمي آواز ۾ جهونگار. ٻئي سان آواز ملائي ڳائڻ. ڳائڻي سان پرڏ لاءِ لاڳڙ تي ڳائڻ. ڀار سان ڳالهائڻ.
جهيلي: ص. راڳ ڪندڙ جي پٺيان سُر جهلائيندڙ– سُر جهلائڻ.

جهيلاٽ: ث. ڳالهائڻ ۾ ڍلاڻ. اُچارن کي ڍار سان هيٺ مٿي اُچارڻ.

جهينگو: ذ. هڪ قسم جو سامونڊي جيت (جنهن جو اندريون ڳودو رڌي کائجي)- ڳانگٽ.

جهيڻ: ث. ڪمزوري- هيڻائي، ايرائي. هلڪائي (آواز جي).

جهيڻائي: ث. هيڻائي- ايرائي. هلڪائي- نرمي (آواز جي). سنهون تپ.

جهيڻو: ص. آهستي- ڍرو (ڳالهائڻ). ڍيمو- مانو. هيڻو- اويرو. هلڪو (تپ).

ڃ

ڃ. ث. سنڌي الف بي جو چوڏهون اکر. هن اکر سان ڪوبہ لفظ شروع ڪونہ ٿو ٿئي.

چ

چ: ث. سنڌي 'الف- بي' جو پندرهون اکر ۽ فارسيءَ جو ستون اکر. اُچار 'چي'.

چابُڪُ: ذ (ف) چَهبڪُ.

چابُڪَدَستي: ث. ڦُڙتي، مهارت.

چابَ: ث. چبڻ جي حالت- ڏندن سان زور.

چابو: ذ. ڪاٺي مهل چاڙين جو چبڪو.

چابا ڏيڻ: وات هلائڻ (ڪاٺي کائڻ وانگر). ٺلهو وات هلائڻ.

چابولَ: ث. چوُبول- هُل.

چابُرو، چابُٺو: ص. چباڙڻ ۾ چيڙهو (ڪاٺو، حلوو وغيره).

چاپي: ث. ڪُنجي (ڪُلف جي). وقت لاءِ واچ ڀَرڻ جي ٽُلَ. بيل ڳاڏيءَ جي ڦيٿي کي روڪيندڙ لوهي ڪُنڊو. اٺاوَت ۾ وَنگ يا ڪمان جي چوٽيءَ واري وچين سِرَ.

چاپي ڏيڻ: واچ کي ڀرڻ. اُپارڻ- آماده ڪرڻ. ڦڙت ڪرڻ.

چاترُ: ص (سن. چَتر) ڏاهو- چالاڪ.

چاٽ: ث. چشڪو. عادت. چيٽ.

چاٽَ چڪائڻ: عادت وجهڻ. حرفت سان نقصان وجهڻ.

چاٽو: ذ. چَٽڻَ جي دوا (معجون وغيره).

چاٽُو: ص. چٽيندڙ. ڪاٽُو. هبڇي. لالچي.

چاٽي: ث. چشڪو. چُوسَ- هيرَ. چاهہُ. واپاري جي اصطلاح ۾ بازار ۾ ڪنهن چيز جي ڪوٽ.

چاپَ: ث. گوشت جو هڏي وارو ٽُڪر (جو تري يا پچائي کائجي). چِپَ يا پچائڻ جي حالت.

چاپُڙُ: ذ. ڳوهيل مٽيءَ مان ٺاهيل گولائون ڍڪ (جنهن سان ڳنديءَ کي ڍڪجي). چاپوڙو.

چاپلوسُ: ص (ف) خوشامدي. رهي). منگتو ڳاٽو.

چاپِئين؛ ث. گهاٽِي ۽ ٻَلن تي پريل ڏاڙهي.

چاچو؛ ذ. پيءُ جو ڀاءُ. (ث. چاچِي).

چادَرَ؛ ث (ف) اوڍڻ يا وڇائڻ جو وڏو ۽ ڊگهو ڪپڙو،
گُلن جي چادر.

چادَر چاڙهڻ؛ مزار تي عقيدت طور ڪپڙي يا گُلن
جي چادر وجهڻ.

چادِري؛ ث (ف) هڪ قسم جو برقعو.

چاڏِي؛ ث. کِير ولوڙڻ لاءِ نِڪرَ جي ڪُنِي- ماٽِي.

چار؛ ص (ف چَهار) ڳاڻيٽي جو هڪ عدد (۴).

چار ماڻهو؛ ذ. ٿورا ماڻهو- ڪجهه تعداد. چارچگا.

چار پئسا؛ ذ. ڪجهه رقم. ملڪيت- ناڻو.

چارچگا؛ ذ. ڪجهه معزز ماڻهو.

چار ڏينهن؛ ذ. ٿورا ڏينهن. ڪجهه عرصو.

چارائِي، چارائِي؛ ث. چوپائي مال چارڻ جي اُجرت.

چارٽُ؛ ذ (انگ) نقشو- خاڪو.

چارَپُ، چاريو؛ ذ. چوڪسي- جاسوسي.

چار پَهرَ؛ ذ. سڄي رات يا سڄي ڏينهن جو عرصو.

چارِج؛ ث (انگ) سپردگي. ذميداري.

چارِجَ شِيٽَ؛ ث. مڙهيل تهمت جي لکيت.

چارَڻُ؛ ذ. چارَڻَ قوم جو فرد (جيڪو ڳائي ۽ گهُمندو
رهي). منگتو ڳائڻو.

چارَڻُ، چارِڻُ؛ م. چوپائي مال کي جهنگ ۾ ڀِرائڻ
(جيئن مال ڪک پن وغيره کائي ۽ ٿنگون ساهي).

چارو؛ ذ. چوپائي مال جو گاهه وغيره. مڇي ڦاسائڻ لاءِ
ڪنڍيءَ ۾ ڦاسايل کاڄ. سَنهون پيچرو- دگُ. جهنگ
يا ٻيلي مان گسُ. رستي ۾ پاڻي ۽ گَپ وارو ٽُڪر.

چارو؛ ذ (ف. چاره) حيلو- تدبير- اُپاءُ.

چارَه جوئِي؛ ث. فرياد- دانهن ڪُوڪَ.

چارَه گر؛ ص. ڪ [illegible]اميندڙ يا درست ڪندڙ. علاج
ڪندڙ. حيلي سان چڱو ڀلو ڪندڙ.

چارِي؛ ص. محافظ- پهريدار. جاسوس.

چاڙهُ؛ ذ. واڌ (پاڻيءَ ۾)- اضافو. ٽيڪ- پُٺڀرائي.
ترغيب- هُشـ . اُٺا ـين- اُڀاٽِي. درياهه ۾ پاڻي جي واڌ.

چاڙهه ڏيڻ ريف ڪرڻ- پڌائڻ. هُشي ڏيڻ.

چاڙهڻُ، چاڙهِڻ؛ م. مٿي ڪرڻ- بلند ڪرڻ.
مٿانهين تي رسائڻ. ويهارڻ (سُواريءَ تي)- سُوار ڪرڻ.
هڪڙي شيءِ جي مٿان ٻي رکڻ.

چاڙهو؛ ذ. بلندي- مٿانهين. عروج- اوج. واڌ-
اضافو. ترقي. سڌارو. فائدو. مڙسي- همت.

چاڙهُو؛ ص. چڙهڻ جو هوشيار (وڻ يا جبل تي).

چاڙهِي؛ ث. اُتانهين- بلندي. مٿانهين ڏي ويندڙ رستو
يا گسُ. واڌ. هُشي- ٽِيڪَر. ڏاڪڻِ.

چاڙهي چڙهڻ؛ ڏکيائيءَ مان پار پوڻ. مشڪلات کي
مُنهن ڏيڻ.

چاڙهِيڪو، چاڙِهڪو؛ ذ. جبل جو ڏاڪو. اُبو لڪُ.

چاسَ؛ ث. چشڪو- لذت.

چاسِنگرُ؛ ذ. ڪُڙڪُبيتو.

چاشَ؛ ث. ڳُڙ يا کنڊ جي پَتِ.

چاشِني؛ ث (ف) مناڻ- ميٺاڄَ. کنڊ ۾ رڌل چانور.

چاقُ؛ ص (ترڪي) تندرست- چڱو ڀلو.

چاقائي؛ ث. تندرستي- چڱيلائي.

چاقُ چوبند؛ ص. چڱو ڀلو. تازو توانو. ٿلهو متارو.

چاقُو، چاقُون؛ ذ (ترڪي) وڍڻ يا ڇلڻ جو اوزار- ڪَپُ.

چاڪُ؛ ذ (ف) چِيرُ. چهڪُ- وَڍُ. زخم- گهاءُ.
ڪپڙي جو ناڪُ- ڏرُ. گاڏيءَ جو ڦيٿو. (انگ) بورڊ تي
لکڻ لاءِ چُنَ جو قلم. (ص) چيريل. وڍيل. ڦاٽل.

چاڪَ چِڪَڻ؛ زخم تازا ٿيڻ. سُورَ ياد پوڻ.

چاڪ گرِيبان؛ ذ. چولي يا پهراڻ جو اڳ وارو کليل حصو.

چاڪَرُ؛ ذ (ف) نوڪر- خادم- ٻيلي.
چاڪِري؛ ث. نوڪري. خدمت. تيمارداري.
چاڪليٽُ؛ ذ (انگ) هڪ قسم جي ولائتي مٺائي.
چاڪي؛ ص. گهاڻو هلائيندڙ. تيلي.
چاڪِڙي؛ ث. ڪاٺيءَ جي جُتي.
چاڳُ؛ ذ. لاڏ- انگل- ماڻو. هيجُ.
چاڳلائي؛ ث. ناز نخرو. چلولائي.
چاڳلو؛ ص. لاڏلو. چلولو. انگلي. نخرباز. (ث. چاڳلي).
چالَ؛ ث. رفتار. هلڻي. هلت- روش. طريقو- ڍنگ. عادت. هيرَ. رسم. انٽڪل- حرفت. مينهن (جنهن جا چارئي پيرَ ۽ مُنهن اڇو هجي). پيسڪوٽ راند ۾ پٽي جي لهپَ.
چالِ چلتِ، چالِ چلگتِ؛ ث. هلڻي چلڻي. طور طريقو. رسم رواج.
چالبازُ؛ ص. انٽڪلي- حرفتي. ٺڳ. چالاڪ- هوشيار.
چالبازي؛ ث. چالاڪي. ٺڳي. حرفت.
چالاڪُ؛ ص (ف) چُست- تيز- ڦُڙت. هوشيار. ٺڳ- فريبي.
چالاڪي؛ ث. ڦُڙتي- چُستي. هوشياري. ٺڳي- حرفت.
چالامانُ؛ ذ. رسم رواج- هلي چلي. رواج.
چالانُ؛ ذ (انگ) پروانو. راهداري. ملزم جي ڪورٽ ۾ حاضري.
چالاڻو؛ ذ. لاڏاڻو- وفات- انتقال.
چالو؛ ذ. هلڻي. ڳوٽن واري ڪنهن به بازيءَ ۾ ڳوٽ جي هلڻ جو وارو- داءُ.
چالُو؛ ص. رواج ۾ هلندڙ. عمل ۾ ايندڙ. جاري. عام. رواجي.
چاليهَ؛ ص. ڳاڻيٽي جو هڪ عدد (٤٠).
چاليهَ چورَ؛ ذ. 'الف ليلئ' ۾ عالادين جي آکاڻي وارا چاليهه چورَ. ٺڳن جو ٽولو.
چاليهو؛ ذ. چاليهن ڏينهن جو مدو. اعتڪاف وارا چاليهه ڏينهن (گوشه نشيني ۾ عبادت ۽ روزا رکڻ). فوتيءَ جي چاليهين ڏينهن تي ختمو ۽ خيرات. چهلم. چاليهن ڏينهن جو عرصو (سال ۾ نوَ چاليها). اونهاري جي سخت گرمي ۽ سياري جي سخت سيءَ وارا چاليهه ڏينهن.
چاماڻو؛ ص. چمَ ۾ (آهو ڏڪ جيڪو چمڙيءَ جي مٿان رهڙ ڪري).
چانجوسُ؛ ذ. جاسوس.
چانجُوسِي؛ ث. جاسوسي.
چاندِني؛ ث. چاندوڪي. زمين تي وڇائڻ لاءِ فرش يا چادر.
چانديِ؛ ذ. هڪ قسم جو مشهور ڌاتو- رُپو- سيمَ- نُقره. ڍڳي (ڏاند) جي ڪُلهي تي پاچاريءَ جي گاٺِ.
چانڊاڻِ؛ ث. چنڊ جو سُهانو- چاندوڪي.
چانڊوڪي؛ ث. چنڊ جو سُهانو.
چانسَ؛ ث (انگ) وَجهه- موقعو.
چانگارَ؛ ث. تنوارَ (ٻڪين جي)- لاتِ.
چانگارَڻُ؛ م. لاتِ لنوڻ- تنوار ڪرڻ. وَجهڻ (چڙا).
چانگو؛ ذ. اُٺ.
چانورَ؛ ذ. اناج جو قسم. سارين مان نڪتل اَنُ. چانورن جو طعام.
چانهِ؛ ث. هڪ قسم جو ٻُوٽو (جنهن جي پَنن جو ڪاڙهو پيئبي ٿو). چانهه جي پاڻي، کنڊ ۽ کير جو مشروب. هڪ قسم جو پکي (سائي ۽ آسماني رنگ جو).
چانهِ پاڻي؛ ث. هلڪي دعوت.
چانهين؛ ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم.
چانئَٽ؛ ث. دروازي جي چوڪٺ جي هيٺين ڪاٺي.

چانشٽ چمڻ: احترام جي اظهار طور چانشٽ کي چمڻ.

چانيهو: ذ. هڪ قسم جو پسارڪو وکر.

چاڳڪَ: ث. طمنو. مهڻي واري ميارَ.

چالو: ذ. ڳوهيل اَٽي، مٽي وغيره جو پنوڙو. مکڻ جو پيڙو.

چاوَت: ث. حسد. بغض. خصومت. ويرُ- عداوت. بدخواهي.

چاه: ذ (ف) کُوهه.

چاهِ زَنخدان: ذ. منهن ۾ کاڏيءَ واريءَ کڏ (سُونهن جي وصف).

چاهِ ذقن: ذ. کاڏيءَ واري کڏ.

چاهَ: ث (ف) باهه، وڏو چُلهو (جنهن ۾ گهٽيون کاٽيون وجهي مَچُ ڪجي). مچ- آڙاهه.

چاهُ: ذ. خواهش- آرزو- اميد. محبت- پيار. شوق. سِڪَ- اُڪيرَ.

چاهت، چاهنا: ث. خواهش- تمنا. محبت- پيار.

چاهڪُ: ذ. گاهه جو هڪ قسم. تازو ڦٽل گاهه. سائي گاهه واري جُوءِ.

چاهڻُ: م. گهرڻ. خواهش ڪرڻ. طلب ڪرڻ. محبت ڪرڻ. پسند ڪرڻ.

چاهي: ث. ٿوري باهه- ننڍو مَچُ.

چاهي پوڪَ: ث. کوهه تي آباد ٿيندڙ زمين (پوک).

چاءُ: ذ. پيار. شوق.

چاڦت: ث. حسد. بدخواهي. چاوَت. گلا.

چاڦڙي، چاوڙي: ث. پوليس گهاٽ- ٿاڻو.

چاڻڻُ: م. ڪٽڻ.

چَٻَ: ث. اجائي دعوي. ڪُوڙي دعوي.

چَٻي: ص. چٻ ڪندڙ.

چَٻوٽڙو، چَٻُوٽڙو: ذ. ويهڻ لاءِ ٽلهو. سوڙهي جاءِ- ڀُرو.

چَپَ: ث. ڏندن جو زور- چاٻو. هڪ پيرو چاٻو (وات جو). سختي- پيڙَ.

چَپَ پوڻ: ڏندي ڏيڻ. زباني تڪرار ڪرڻ.

چَپَ چِتَ ڪرڻ: وهنوار يا ليکي ۾ پڪائي ڪرڻ. ڏرو پرزو ليکي ۾ آڻڻ.

چپَ: ث. پکيءَ جو هڪ قسم- چپرو. (ص) واڙو. پُوڪُ.

چپُ: ذ. گهپُ (ٽانءَ ۾). بي ڊولا چَپَ.

چپُ ڪڍڻ: گهپُ سڌو ڪرڻ. روشن وقت چَپَ ڪڍڻ (عام طور بار لاءِ چئجي).

چپارا: ذ. اَهلوُن- چپرا.

چَپاڙُ: ث. هڪ پيرو ڏندن سان چپاڙڻ- چَپَ.

چَپاڙڻُ: م. ڏندن سان زور ڏيڻ- چاپا ڏيڻ. ڪُرٽڻ- ڪاٽڻ. چپڻ.

چپرا: ذ (جمع ۾ ڪم ايندڙ) اَهلوُن- ويچارا.

چپرا ڏيڻ، ڪڍڻ: اهلون ڪرڻ- ويچارا ڪڍڻ.

چپرو: ذ. هڪ قسم جو پکي (جيڪو نياڳو چيو وڃي ٿو)- اُلو.

چَپڙُ: ص. ڪاٽڻ ۾ گهڻا چاپا ڏياريندڙ- چاپُون.

چَپڙاٽو: ذ. چپاڙڻ جو آواز. ٿورو ڪاڏو (ٻن ٽن گراهن جيترو).

چَپڙڻُ: م. چپاڙڻ. چپڻ.

چَپڪو، چَپڙڪو: ذ. چپاڙڻ جو آواز- چاٻو.

چَپڻُ، چَپڻ: م. چپاڙڻ. ڪاٽڻ. ڪُرٽڻ.

چَپي چِٿي ڳالهائڻ: سوچي ويچاري ڳالهائڻ. سانت سان ڳالهائڻ. سهڻن لفظن ۾ ڳالهه ڪرڻ.

چپو: ص. ڏنگو- ڦڏو. مُڙيل. بي ڊولو. (ث. چپي).

چَپو؛ ظ. پاڻيءَ ۾ زور سان ڪِرڻ- ڌوُ. سِڌو.

چَپ پوڻ؛ دخل اندازي ڪرڻ. تڪرار ڪرڻ.

چُپائڻ؛ م. جسم ۾ داخل ڪرڻ (سُئي، چاقون وغيره)- ٽُنبڻ.

چُپ چُپو؛ ث. چُپڪار (جسم ۾). چُپڻ (اکين ۾).

چِپَڙُ؛ ذ. هڪ وَلِ جو ڦرُ- مِتيرو.

چَپڙڪُ؛ ذ. پاڻيءَ ۾ ڪِرڻ جو آواز- چَپڪو.

چُپڪارَ (ث)، چُپُڪارُ؛ ذ. جسم ۾ چيت، ڪک يا سُئيءَ وغيره جو لاڳيتو چُپڪو.

چُپڪو؛ ذ. جسم ۾ سُئي وغيره ٽنبڻ جو ايذاءُ.

چُپَڻُ؛ م. جسم ۾ لڳڻ (سُئي، ڪنڊو وغيره)- ٽُبجڻ. ايذاءُ ڪرڻ- ڏکڻ.

چَپي؛ ث. اجائي دعويٰ (ڪنهن يا حق جمائڻ لاءِ). ڪُپت. ٺڳي.

چِتُ؛ ذ (سن) دِل، مَنُ- ضمير. ڌيان- توجهه.

چِت ڪڍڻ؛ دل ڪڍڻ. ارواح ڇِنڻ.

چُتِ؛ ث. ڳُٺي- مَقعَدَ.

چِتا؛ ث (سن) ڪاٺين جو ڍڳ جنهن تي هندو مڙدو ساڙين- چِکيا- ڏاگهه.

چِتاءُ؛ ذ. اطلاع- آگاهي- خبر. اڳواٽ خبر. يادگيري. پڌرائي- اعلان. تنبيهه.

چِتائڻُ؛ م. جاچڻ- تڪڻ. غور سان ڏسڻ. ڌيان ڏيارڻ. ياد ڏيارڻ. ٻڌائڻ. خبردار ڪرڻ- جتائڻ. تنبيهه ڪرڻ.

چَتُرُ؛ ص (سن) چالاڪ- ڏاهو- سيانو.

چَترائي؛ ث. چالاڪي- ڏاهپ. چلولائي.

چِترُ؛ ذ (سن) چِٽ. نقش.

چِترڪارُ؛ ص. مُصَوِر.

چَترائِڻُ؛ م. چِٽَ ٻڌي هِرڪائڻ. لالچائي ڦاسائڻ. برغلائڻ- ڀنيلائڻ.

چِتَڙُ؛ ذ. ٻُندِڙُ- ٻُندَڻُ.

چِتُو، چِتُون؛ ص. چُتِ هٿائيندڙ- مفعول.

چَتُوُ؛ ذ. طوطو- مِٺو (پکي).

چَتي؛ ث. ڪپڙي جو ٽُڪر- اڳڙي. پَيوند. مٿي ۾ چورس ٽُڪر ۾ ڪُوڙيل وارَ. ڦاٽل جُتيءَ ۾ چمڙي جي ٽُڪريءَ جو ڳنڍ. گدري ڇانهين وغيره ۾ ويڍيل ٽُڪر.

چَتي ڪڍڻ؛ نقصان رسائڻ. ويساهي ڌڪ ڪڍڻ. مالي نقصان ڏيڻ.

چِٽَ؛ ث. ڇِلهڻ جي حالت- ڇِپَ.

چِٽَرَ؛ ث. ٽوڪ- ٺٺول. ڪِلَ.

چِٽُرُ؛ ذ. ڪنهن سخت شيءِ يا پٿر وغيره جو مٿيون يا پاسي وارو ٽُڪر.

چِٽَڻُ، چِٽِڻُ؛ م. ڇِلهڻ- ڇِپي ذرا ذرا ڪرڻ، مهري يا ڪنهن اوزار سان ڪُٽڻَ.

چِٽو؛ ذ. جيت جو هڪ قسم جيڪو اوني ڪپڙا ٽُڪي.

چَٽَ؛ ث. ڏُتارَ. خوشامد. لالچ. لغارَ (صابڻ، رنگ جي). مکُ (تيل جو).

چَٽَ پڌڻ؛ راضي ڪرڻ. پرچائڻ. مٿي تان هٿ گهمائڻ.

چَٽُ؛ ص (سن) تباهه- ناس. ختم. بيڪار- نڪمو. خراب- ردي.

چَٽُ ڪرڻ؛ ناس ڪرڻ- برباد ڪرڻ. ڪائڻ- هضم ڪرڻ.

چِٽَ؛ ث. سخت گرم ڏينهن واري مُندَ. (بدي جو سڄو مهينو ۽ آسُوءَ جا پهريان ڏهه ڏينهن. انهيءَ عرصي ۾ چار چِٽُون ٿين؛ ١. جيٺ جي ڊِپَ. ٢. ڪاتهن جي چِٽ ٣. سَڄي سَرَ جي چِٽ ۽ ٤. ڪوڙي سَرَ جي چِٽ).

چِٽَ، چُٽَ: ث. نشاني کي پورو ڏکُ- چُستَ. نشاني بازي.

چِٽِ: ث (انگ) ڪاغذ جي ٽُڪري (جنهن تي نالو لکيل هجي). چِٺي.

چِٽُ: ذ (سن. چِتر) داغ- ٽِڪو. نقش. گلڪاري واري تصوير. مصوري.

چِٽا: ذ. سخت گرميءَ جا ڏينهن (جنهن ۾ پوک پچي).

چِٽاپيٽي: ث. مقابلو- پيٽ. بحث مباحثو.

چِٽاڻو: ذ. سوجهرو. چِٽي (ڏينهن جهڙي) روشني. سهائي.

چِٽائڻُ: م. چِٽيَ سان صاف ڪرائڻ. ڪارائڻ.

چِٽائڻُ: م. نقش ڪرائڻ. چِٽَ ڪڍائڻ.

چِٽائي: ث. صفائي. روشني. پڌرائي.

چَٽِ پَٽِ: ظ. جهٽ پٽ.

چَٽَ چُمي: ث. چمي پاڪر. ظاهري پيار.

چَٽِڙُ: ص. چَٽ بڌي ڏُتاريندڙ. چَٽو ڪندڙ.

چِٽڪمرو: ص. ڪارن اڇن چِٽن وارو. ٻن رنگن وارو (اڇو ۽ ڪارو). ابلق (گهوڙو).

چَٽِڪو، چُٽڪو: ذ. لغار (رنگ جي). جهلڪو- چمڪو. مزو- چشڪو.

چُٽڪي: ث. چِپٽي (ڦِڪيءَ وغيره جي). لغار. ڪاغذ جو لکيل پرزو.

چَٽڻُ، چَٽِڻُ: م. زبان سان ڪائڻ. چکڻ. رغبت سان ڪائڻ.

چِٽڻُ: م. چِٽَ ڪڍڻ. نقش نگار ناهڻ. گلڪاري وغيره ڪڍڻ.

چِٽڻُ، چِٽڻُ: م. نشان تي پورو هڻڻ. چست ڪرڻ- نشانو هڻڻ.

چَٽِڻي: ث. مرچ مصالحو پيل ڪَٽِي مِني شيءِ.

چَٽِڻي ڪرڻ: هضم ڪرڻ- ڪائي ڪپائي ڇڏڻ.

چَٽو: ذ. مصالحي دار شيون ڪائڻ. هروقت ڪجهه نه ڪجهه ڪائيندو رهڻ. فضول خرچي.

چَٽو ڪرڻ: بازاري شيون ڪائڻ تي چاهه رکڻ. فضول خرچي ڪرڻ.

چِٽو: ص. روشن- صاف. اڇو. کُليو- ظاهر- پڌرو. (ث. چِٽي).

چِٽو، چُٽو: ذ. داغ. چُٽل ڦٽ جو نشان. وهٽ جي پُٺيءَ تي ٿيل ڦٽ يا زخم.

چَٽِي: ث. ڏنڊ- جُرمانو- تاوانُ. نقصان- گهاٽو- چيهو.

چَٽِي ڀرڻ: بي گناهه ڏنڊ ڀري ڏيڻ.

چِٽِي: ث. داغ. چمڙيءَ جي هڪ بيماري.

چَٽِ: ث. نِڪَر جو ٿانءَ (ڪُتي جي پالي پيڻ يا ڪائڻ لاءِ). ميگهواڙ وٽ چمڙي پُسائڻ لاءِ پاليءَ جو ٿانءَ.

چِٺو: ذ. فهرست- وچور- تفصيل (لکيل ڪاغذ).

چِٺي: ث. خط.

چَپُ: ذ. لبُ.

چَپَ چَٽڻ: سَڏون ڪرڻ. سِڪڻ.

چَپُ ڪڍڻ: ننڊڙي ٻار جو روئڻ وقت چَپُ چِبو ڪرڻ.

چَپُ پوڻ: هوڏجڻ. تکو منو ٿيڻ. تڪرار ڪرڻ.

چَپن کي چُنو لائڻ: خاموشي اختيار ڪرڻ.

چِپَ: ث. پير يا ڪنهن وزن سان دابُ.

چِپَ ڏيڻ: زور ڏيڻ- مٿان دٻاءُ وجهڻ. سيڪت ڏيڻ. نقصان ڏيڻ.

چُپ: ث. خاموشي- مات. سُڪوت.

چُپُ رهڻ: مات رهڻ- خاموش رهڻ. مات ٿي وڃڻ.

چُپ لڳڻ: حيرت لڳڻ- عجب ٿيڻ.

چَپاتي، ث. هلڪي ننڍي ماني- ڦُلڪو.

چَپاٽَ، ث. چماٽ- لپاٽ.

چپِيڙو، ص. سنهون ۽ ٽراڪڙو. پاسا ويڪل ۽ وچ گولائيءَ ۾ اُتيل- چپٽو. (ث. چپيڙي).

چَپَٽُ، چِپِٽُو، ذ. ٻن يا ٽن آڱرين ۾ آيل ٻورو يا چورو- وڏي چپٽي.

چَپِٽي، چِپِٽي، ث. آڱوٺي ۽ آڱر جي وِچ ۾ آيل ڪنهن شيءِ جو مقدار- چُٽڪي. آڱوٺي ۽ وچين آڱر جي گسائڻ سان نڪتل آواز.

چَپِٽيُون وڄائڻ، خوش ٿيڻ.

چِپِجَڻُ، م. پائمال ٿيڻ. پيرن سان لتاڙجڻ. چٿجڻ.

چُپ چاپ، چُپُ چُپاتِ، ث. ماٺِ ميٺِ- خاموشي. (ص) خاموش- ماٺ.

چَپَرَ، ث. ڏاندَ پُٺِي گهڙيل ڪاٺي (ڪاٺ جي وٽي يا سَلَ ۾ وجهڻ لاءِ).

چَپراسُ، ذ. ٻِلي (خاص نشان) وارو پَٽو جيڪو خدمتگار چيلهه ۾ ٻڌي. ٻيل گاڏيءَ ۾ پَٽِيءَ ڪي جهلڻ لاءِ ڪوبلو.

چَپراسِي، ص. پَٽو ٻڌل (نوڪر). پٽيوالو. نوڪر- ملازم.

چَپ راست، ص (ف) ڪبو سجو. پريڊ.

چَپران، ث. وڏن چپن وارِي اٺِ. (ص) واچان- واتڙي.

چِپڙَڻُ، م. چنبڙڻ.

چَپڙِي، ث. دوا جي لِپري (تارونءَ تي علاج خاطر رکجي)- پِني.

چُپڙِي، ث. ماٺ- خاموشي.

چَپڙيُون، چَپرُون، ث. ڪاٺ جون ٻه پٽيون جيڪي ڳاٽيا هٿ ۾ جهلي تار لاءِ وڄائين- ڪرتالون.

چَپقلش، ث (ترڪي) لڙائي. جهيڙو- تڪرار. الجهڻ.

چَپلائي، ث. چالاڪي. سيائپ. خوشامد. ٺڳي.

چِپَڻُ، م. مٿان زور ڏيئي پيچائڻ. دٻاءَ وجهڻ. ناجائز بار وجهڻ. پائمال ڪرڻ. چٿڻ- چِلهڻ. هيسائڻ. نقصان ڏيڻ.

چِپي ڇڏڻ، پائمال ڪرڻ. پيڙي ڇڏڻ. سخت نقصان رسائڻ.

چَپو، ذ. هٿ جون چار آڱريون. چئن آڱرين جي ويڪر جيتري جاءِ- چاڙڪي. ٿوري جاءِ. چَنبو. آڱرين ۾ آيل شيءِ جو مقدار.

چَپو چَپو، ذ. ٿوري ٿوري جاءِ- هرهنڌ.

چَپو چُورو، ذ. ٽيرن پاڻي.

چِپُو، ذ. ٻيڙيءَ جو ڃُنُ. (ص) وڏن چپن وارو.

چَپولَ، ث. ڌاڙو (دل کسڻ جو). ناز نخرو- غمزو.

چِپي، ث. اک جو ميل- پِڇي.

چَپيٽَ، ث. ڌڪ. صدمو. نقصان- گهاٽو. سيڪٽ.

چَچُ، ذ. قديم سنڌ جو هڪ راجا.

چچنامو، ذ. سنڌ جي تاريخ جو هڪ آڳاٽو ڪتاب "فتح نامو".

چِچُ، ص. تمام مسڪين- نهايت غريب. هيٺو.

چِچُ چِڪائڻ، هيٺي کي آزارڻ. مسڪين مارڻ.

چِچِرَڻُ، م. چِٿي ذرا ذرا ڪرڻ. قيمي وانگر ورڻ. زخمن سان چُور ڪرڻ.

چِچڙُ، ذ. جيت جو هڪ قسم (جانورن کي چهٽي رت چُوسي).

چِچڙ ٿي لڳڻ، چهٽي پوڻ. هروقت ساڻ لڳو رهڻ.

چُچَڪارَ، چُچڪَرَ، ث. افسوس جي اظهار يا ڪتي کي سڏڻ جو آواز.

چُچڪارَڻُ، م. ڪتي کي سڏڻ لاءِ "چُچ چُچ" جو آواز ڪرڻ.

ڇڇ مڇ: ث. سمجهه ۾ نہ ايندڙ ڳالهہ. (ص) ڇڇريل (ڳالهائ). منجهيل (اکي).

ڇُڇو: ص. ڇُونڇو (ث. ڇُڇي).

ڇِڇِي: ث. سانڊي جهڙو هڪ جيت (ڇتين پٽين تي هلي ۽ جيت کائي)- ڪِرڙِي.

ڇڇيون مارڻ: عيب ڪڍڻ.

ڇَڦَنُ: ذ. نخرو- انگل. ماٺو. بهانو. موج- مزو.

ڇَڪي: ذ (گهَرُو ٻوليءَ جو اصطلاح) پري ٿيءُ!- دفع ٿيءُ!

ڇِڏو: ذ. گولي (ششي جي)- بلور.

ڇَڏو: ذ. سَٽر وارو مٽيون سَنڌُ.

ڇڏا ڦاڙڻ: ٽنگون خلاصيون ڪرڻ. گهڻي جاءِ والارڻ.

ڇَڏولَ: ث. ڇوڙڏولَ.

ڇَڍُ، ڇَڍو: ذ. وڏو پيٽ- ڍِڍُ.

ڇَڍو، ڇَڍوُ: ص. وڏي پيــــٽ وارو. گهڻو کائيندڙ- پيٽُو.

ڇُڍو: ذ. پاڻيءَ جي ننڍڙي ڪڏ. ڊُبو. ٽوبو. ڇَلهو (پاڻي يا گپ جو).

ڇَڍِي: ث. گوڏن تائين ننڍي پتلون يا پاجامو.

ڇَرَ: ث. ديڳين جي رَڌَ واري ڇُلهہ. ڊگهي کڏ جنهن ۾ ٻاهہ تي گهڻيون ديڳيون رڌجن.

ڇُرَ: ث. ڇرپُر- حرڪت، هٽ ڇُراند- ڪڙنس. غار. اونداهي کڏ.

ڇَراخُ: ذ (ف) هڪ جهنگلي جانور.

ڇَراغُ: ذ (ف) ڏِيو.

ڇراغ سحري: ذ. صبح وقت اُجهامڻ وارو ڏيو. (ص) پوين پساهن ۾.

ڇَراغان: ذ ("ڇراغ" جو جمع) تمام گهڻن ڏيئن جي روشني. ٻتين جي ڇِهرمِرِ.

ڇَراگاهہ: ذ. ڇوپائي مال جي چرڻ واري جُوءِ. وِيءَ- سِيمَ.

ڇُراندَ: ث. ڇُرَ- حرڪت- ڪڙنس.

ڇَربُ: ص (ف) ڇربيءَ وارو- سٿيو. ٿُلهو.

ڇَربُ زبان: ص. لالڇائيندڙ ڳالهيون ڪندڙ. خوشامدي- چاپلوس.

ڇَرِيَٽُ، ڇَرِڪَٽُ: ص. ڇرڙيو- اڌ ڇريو. موڳو. بيوقوف.

ڇرِپٽو: ذ. پکين جو هُل- ڇرپر.

ڇرپر، ڇرچرِ: ث. جهرڪين جو هُل. گهڻن ٻارن جو گڏيل ڳالهائ.

ڇَربو: ذ (ف. ڇربہ) نقش نهيل روغني ڪاغذ. روغني ڪاغذ وسيلي نهيل ڇاپو. نقل- اُتارو.

ڇَربِي: ث (ف. ڇَرب) گوشت جو سٿيو تَههُ.

ڇُرٽُ، ڇُرٽو: ذ. لچُ. چور. بدمعاش. (ث. ڇُرٽِي).

ڇُرپِرِ: ث. حرڪت. هل چل. تحرڪ. بيقراري.

ڇُرچَ: ث. حرڪت- ڇُراند. ٻَچَ- هُشِي.

ڇَرچائي: ص. ڇرچا ڪندڙ- ٺوڳائي.

ڇَرچو: ذ (سن. ڇَرچا) ٺوڳ- مذاق- مسخري. ٽوڪَر. ٽنول. مشهوري. ذڪر- هُل.

ڇَرخُ: ذ (ف) آسمان. ڦِيٿو. چرخو. چڪر- ڦيرو.

ڇَرخ چاڙهڻ: آسمان تي چاڙهڻ. مشهور ڪرڻ. خوار ڪرڻ.

ڇَرخو: ذ (ف. ڇرخہ) سٽ ڪتڻ جو اُيٽ. ڦيٿو. چڪر (قسمت جو). وڏو نارُ.

ڇرخو هلائڻ: ڪاروبار يا انتظام هلائڻ.

ڇَرخِي: ث (ف) ڦِرِڪي. ننڍو ڦيٿو. ٻُوڻِ. نارَ تي ٿيل آبادي (ٻوڪ).

ڇرڙاٽُ: ذ. ڪپڙي ڦاٽڻ جو آواز. پکي يا نانگ ٻلا جو آواز.

چَرَسُ؛ ذ. کوھہ مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ چمڙي جو ڏولُ- ڪوسُ. ھڪ نشيدار تماڪ (جيڪو ڀَنگ مان ٺهي).

چَرسِي؛ ص. چرس جو نشو ڪندڙ.

چَرغُ؛ ذ. شڪاري پکيءَ جو ھڪ قسم.

چرڪَ؛ ث. دير- اوير. گهاءُ- زخم.

چُرڪَ؛ ث. لَپ- چُرون (پاڻيءَ جو).

چرڪو؛ ظ. دير سان- ڪُمِهلو- اويلو.

چَرمُ؛ ذ (ف) چمڙو- چَمُ. کَلَ.

چَرَڻُ، چَرَڻُ؛ ذ (سن) پيرَ.

چَرَند؛ ذ (ف) چرندڙ جانور- چوپايو. حيوان.

چَرَند وارُ؛ ذ. مٽي يا ڏاڙهي مُڇن ۾ اُهو وارُ جنهن جي پيدا ٿيڻ سان ٻيا وارَ آهستي آهستي ڇِڙي وڃن.

چَرَڻُ؛ م (سن) گاھہ کائڻ (چوپايو جانور). جانورن وانگر کائڻ (کاڌو). آهستي آهستي کائڻ.

چُرَڻُ؛ م. آهستي آهستي هلڻ- رڙهڻ. سُرڻ. ٿورو هلڻ. حرڪت ڪرڻ.

چَرِڻو؛ ذ. وڏن پاڇن واري سٽڻ.

چَرِلي؛ ث. ڏاڪڻ- پوڙي.

چَرو؛ ذ. کَڏو- چِرَ. زخم- گهاءُ.

چَرُو؛ ذ. ديگ. چوُنريءَ جهڙو ھڪ قسم جو ٽامي جو ٿانءُ (کير، پاڻي وغيره رکڻ لاءِ). رنگريز جي رگَ ڪاڙهڻ ۽ پُسائڻ لاءِ اُين ڪنارن وارو ھڪ ٿانءُ.

چُروٽُ؛ ذ (انگ) تماڪ جي پن مان ٺهيل ولائتي بيڙي- سگار.

چَرووِڙي؛ ث. چوُنري (ٿانءُ).

چُروه؛ ذ (ع. جُرعة) هڪڙي هٿ جي ڪُٻ واري ٻيهڪ (جنهن ۾ پاڻي وغيره کڻي سگهجي)- لپ.

چَرِي؛ ث. ننڍي ڏگهي کڏ. کَسِي. پيڙهہ جي ڪوٽيل زمين. کڏو (ٿوڻي کوڙڻ لاءِ).

چَرِياڻُ؛ ص. چريو. مست. بيپرواھ.

چَرِيائِي؛ ث. پاڳلپڻو. بيوقوفي. مستي. سوداءُ- خفقان- جُنونُ.

چَرِيَٽُ؛ ص. چريو. ٿورو چريو- مست.

چَرِيو؛ ص. پاڳل- ديوانو. سودائي. جُنوني.

چَرِيو گَرِيو؛ ص. بي عقل. جهڙو تهڙو.

چِڙَ؛ ث. ڪاوڙ- غصو. ناراضگي. ڏمر. جهٽ پٽ آيل غصو. بيزاري. نفرت- حقارت.

چِڙَڻُ؛ م. ڪاوڙجڻ- ڏمرجڻ.

چُڙَڻُ؛ م. استعمال ٿيڻ (ڪپڙو). جهلڻ- جٽاءُ ڪرڻ. گهڻو وقت هلڻ. گهڻو وقت بيماري ڪاٽڻ- بيماريءَ ۾ ڳهڻ.

چَڙو؛ ذ. چوپائي جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل گهنڊ- سنيارُ.

چِڙو؛ ذ. جهرڪُ (پکي). (ث. چِڙي).

چَڙهُہ؛ ذ. چاڙهہُ. واڌارو. ڍؤ. هُشي.

چَڙهُہ ڪرڻ؛ ڍؤ ڪرڻ. خوب پيٽ ڀري کائڻ.

چَڙهائِي؛ ث. چاڙهي. بلندي- اُچائي. مٿانهين. حملو- ڪاهہ.

چڙهائي ڪرڻ؛ حملو ڪرڻ- ڪاهہ ڪرڻ.

چَڙهَتَ؛ ث. اڳرائي. سَرسِي. ٻئي جي مقابلي ۾ وڌو واڪُ (ٻولَ ۾).

چَڙهت ڪرڻ؛ وڌائي واڪُ ڏيڻ. اڳرائي ڪرڻ.

چَڙهتِي؛ ث. واڌ. برتري. سرسي.

چَڙهَندِي؛ ث. ترقي- اوج.

چَڙهَڻُ؛ م. مٿي وڃڻ. بلند ٿيڻ. سوار ٿيڻ (وهٽ تي). چاڙهہ ٿيڻ (درياء ۾). واڌ اچڻ (پاڻيءَ ۾). وڌڻ (قيمت). ترقي ڪرڻ. اُڏامڻ (جهاز. لغڙ). ڪاهہ ڪرڻ. اُيرڻ (سج، چنڊ). ڄاڻجڻ (ڪکر). تندرست ٿيڻ (بيماريءَ مان).

چڙهٽي، ث. ڏاڪڻ- سيڙهي.
چڙهي، ث. سواري. وهٽ تي سواري. ڪاهه- حملو- جُلهه. چم جو بوڪو (کوهه مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ).
چڙي، ث. ننڍو چڙو (جانور کي ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ لاءِ)- ٽلي.
چڙي، ث. جهرڪي. اڳٽ وجهڻ لاءِ اُبدائي جو ٽڪندو سوراخ. تاس جي پتي جو هڪ رنگ- ڦلو.
چڙيا گهر، ذ. اهو جاءِ جتي هرقسم جا جانور پکي گڏ ڪجن.
چَسَ، ث. سواد- لذت. هيرَ- چُوسَ.
چستَ، ث. نشاني بازي. هڪ ٽڪ نظر.
چُست، ص (ف) ڦُڙت- تيز. هوشيار- چالاڪ. چِڪيل- تنگ (ڪپڙو).
چُستي، ث. ڦُڙتي. هوشياري. چالاڪي.
چَسپان، ص (ف) چَنبڙيل. ٺهڪيل. موزون.
چُسڪڻُ، م. چُوسي پيئڻ. ڏائڻ (ٿڃ، ٿڻ). ڍُڪ ڍُڪ پيئڻ.
چَسڪو، ذ. زبان جو مزو. سواد. عادت- چُوسَ.
چُسڪي، ث. سُرڪَ- ڍُڪُ.
چَسي، ث. چُمي. شاباس. ڪيڪار. چسڪو- لذت.
چَسي ڏيڻ، ڪيڪارڻ. تاڙي ملائڻ (خوشي يا آفرين ڏيڻ وقت).
چُسي، ث. چَلهر (چَنهَر) راند ۾ چٽن منجهان ٽن ڪوڏين ڪِلڻ ۽ هڪ اونڌي ٿيڻ جو داءُ.
چَشَ، ث (ف) سواد- ذائقو. لذت. مزو. چَسَ.
چَشڪو، ذ. چسڪو.
چشمُ، چَشمُ، ذ (ف. چَشم) اک- نيڻُ- عينُ.
چشم بَندي، ث. نظربنديءَ وارو جادو (جنهن ۾ موجود هوندي بہ نہ ڏسي سگهجي).
چشم پوشي، ث. درگذر- ڪَن لاٽار. ڏسي وائسي ڌيان نہ ڏيڻ.
چَشم زدَن، ذ. اک ڇنڀ. لحظو.
چَشم وچراغ، ذ. نهايت پيارو- پٽُ. اولاد.
چشمو، چَشمو، ذ (ف. چَشم) قدرتي طرح زمين مان نڪرندڙ پاڻي (عام طرح جابلو ايراضي ۾). عينڪ. هڪڙي وڻ جو قلم ٻئي وڻ ۾ پيوند.
چُغَدُ، ذ (ف) چبرو (پکي).
چُغُلُ، ص (ف) جاسوس- چاري. جُوٽي ڪٽيندڙ. گلاخور. ڏُوتو. (ذ) چلم جي ٽوپيءَ جي سوراخ ۾ رکڻ لاءِ پٿر وغيره.
چُغُلخور، ص. جُوٽي ڪٽندڙ. لائي چائي ڪندڙ. گلاخور.
چُغلخوري، ث. گلا- نِندا. عيب جوئي.
چُغلي، ث. جُوٽي. گلا.
چُغلي هڻڻ، جُوٽي ڪٽڻ. نشاندهي ڪرڻ. لائي چائي ڪرڻ.
چَقمَق، ذ (ترڪي) اهو پٿر جنهن مان باهہ نڪري. لوهہ کي چڪيندڙ ڦاٽو.
چُقندَرُ، ذ (ف) اوڙ جو هڪ قسم (گوگڙو جهڙو، ٻاجيءَ طور ڪم اچي).
چَڪُ، ذ. ڏندن سان جهلڻ ڏندن سان وَڍُ. ڏندن سان زور (ڪائڻ ۾). ڪنيارڪي ڪم جو چڪرو (جنهن کي ڦيرائي ٿانوَ ٺاهين). کوهہ جي تَر ۾ رکڻ لاءِ ڪاٺ جو چڪرو (جنهن تي پَڪي کوهہ جي اوساري ڪجي)- وَنگُ. زرعي زمين جي وڏي ايراضي- ديهہ.
چَڪُ وجهڻ، جَهٽ وجهڻ. فائدي لاءِ ناجائز مطالبو ڪرڻ. کُوڙي دعويٰ ڪرڻ.
چِڪَ، ث. گپ- چِڪڻ. گارو. پوسل.

چُڪَ: ث. ڀُل- غلطي- سهو- خطا. چيلهه ۾ سُور پوڻ جي هڪ بيماري (جيڪا گهڻي ڪاڌي ۽ بدهضمي سبب ٿئي).

چڪارُ: ظ. پريل- تار. ڪناتار.

چَڪاسَ: ث. جانچ- تپاس. پرک. نظرداري.

چَڪاسَڻُ: م. جانچڻ- نهارڻ. چڱيءَ طرح ڏسڻ تپاسڻ. پرکڻ. آزمائڻ.

چڪائڻُ: م. قرنقل ذريعي ٺهڪائي عرق ڪڍڻ.

چُڪائڻُ: م. مُلهه ڪرڻ- اگهه پُڇڻ. ختم ڪرڻ. ادا ڪرڻ (قرض).

چُڪتُو، چُڪيتو: ظ. ادا ڪيل (قرض). وهنوار- بيباق. سمورو- سڀ.

چُڪتو ڪرڻ: وهنوار ڪرڻ- ليکو صاف ڪرڻ.

چِڪَٽُ: ص. ميرو- مِٽيءَ هاڻو- تيل هاڻو (ڪپڙو).

چَڪچُورُ: ص. گهايل- زخمي. زخمن سان چُور.

چَڪَرِ: ث. ناڙَ جو هڪ چڪرو (جيڪو لَٺِ کي ڦيرائي).

چَڪَرُ: ذ. گول- دائرو- گهيرو. حلقو. ڦيٽو. پيرو- گهمرو. گشت- سَيرُ. گردش. ڦيري (مٽي جي)- پَنوائي. مصيبت. معاملو.

چَڪر ڏيڻ: ڦيرو ڏيڻ. گهمرو ڪرڻ- ڦيرائڻ. رلائڻ. ڏتو ڏيڻ. فريب ڏيڻ.

چَڪر لڳائڻ: ڦيرو ڪرڻ. گشت ڪرڻ. سَيرُ ڪرڻ. دورو ڪرڻ.

چَڪر ۾ اچڻ: معاملي ۾ ڦاسڻ. آزار ۾ پوڻ. مصيبت ۾ پوڻ.

چَڪرو: ذ. ڪاٺ گول شيءِ. مانيءَ ٺڪڻ لاءِ ڪاٺ جو گول ٺُڪر.

چَڪري: ث. چرخي. ڦِرڻي. مقابلو- لڙائي.

چِڪڙُ: ص. چِڪَ جهڙو ميرو. مِٽي ۽ سٿڀ ۾ لٿڙيل.

چَڪلو: ذ. چڪرو. مانيءَ ٺڪڻ لاءِ ڪاٺ جو گول چڪرو. پيشه ور فاحش عورتن جو اڏو.

چِڪمدوزي: ث. ڪپڙي تي زريءَ جو پَرت. ڪپڙي تي ريشم يا زريءَ جي مَڙهت جو ڪم.

چَڪمو: ذ. دوکو- فريب. دلبو.

چِڪنُ، چِڪنو: ذ (ف) پرت جو هڪ نمونو (جنهن ۾ ڪپڙي ۾ ٿي گُل ٺاهيا وڃن)- سوزن ڪاري. ڪپڙي جو هڪ قسم.

چِڪندوزي: ث. چِڪني جو پرت.

چِڪناچُورُ: ص. ٽُڪر ٽُڪَر- ذرا ذرا- پورَ پورَ.

چِڪنائي: ص. سٿيو- روغني. چلڪڻو (ڪاغذ).

چِڪنائي: ث. سٿڀ. روغن. چربي.

چِڪني: ث. سوپاريءَ جو هڪ قِسم.

چِڪڻ: ث. چيڪي مٽيءَ جي گپ. ڌٻڻ.

چِڪڻُ: م. قرنقل ذريعي عرق نڪرڻ. ڦٽ يا زخم مان روڳ وهڻ. ڦٽ ڦرڙيءَ مان پوُنءِ ڳرڻ.

چُڪڻُ: م. ختم ٿيڻ. وهنوار ٿيڻ. ادا ٿيڻ (قرض). ٽڪجڻ (جسم)- کُهجڻ.

چَڪو: ذ. ڏوٽري جو چاوَل دِٻُ. ڳنڍيو (ڪوٽر جو). ٽُڪر (مانيءَ جو). (ص) گول. گهاٽو جميل.

چُڪو: ذ. ڍُڪ- سُرڪ.

چَڪورُ: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (تتر جهڙو، پير ڳاڙها، ڳچيءَ ۾ ڪنٺو، چون ٿا تہ چڪور چنڊ تي عاشق آهي).

چَڪي: ث. گول شيءِ. جاندهر. ٽِڪي (صابڻ جي). تڏاريل تنديڙو ٻوٽو (وڻ جو).

چُڪي: ث. تورو ڍُڪ- سُرڪي.

چِڪَ: ث (ترڪي) بانس جي تيلين يا ڪانن

مان ٿهيل پردو.

چِکَ، چِکِي؛ ث. ڪُنڊَ (ٽن علائقن يا ديهن جي ملڻ واري ڪُنڊ). جبل يا ٽڪريءَ مان نڪتل ڪُنڊائتي ايراضي. چهنب– نوڪ.

چِکائڻُ؛ م. ٿورو کارائڻ. ذائقو وٺائڻ.

چِکَڻُ؛ م. ٿورو کائڻ. زبان لائڻ. سواد وٺڻ. ذائقو وٺڻ. کائڻ.

چِکيا؛ ث. هندن ۾ مڙدي کي ساڙڻ لاءِ مَچُ– چتا.

چِکِي مَکِي؛ ذ. ٺاهه ٺُوهه (بدن يا ڪپڙي لٽي جي)– ٺَهٺ سَهٺ. سينڌ سُرمو. هارسينگار.

چِکَ؛ ث. مٽي جي وارن جي چوٽي– جَٽا. ڳُٽ.

چِکَ وِڌائڻ؛ چوٽي وڌائڻ. مريد ٿيڻ. آڻ مڃڻ. جهنڊ لهرائڻ.

چِڳائڻ؛ م. پکيءَ جو ٻچن کي داڻو داڻو ڪري کارائڻ. چوڳو ڪرائڻ.

چِڳڙُ؛ ص. سٽيل ۽ مٽيءَ هاڻو– چيڙهڻ.

چِڳِڙڻُ؛ م. چُوسڻ (ٿڻ). ڌائڻ.

چِڳڻُ؛ م. چهنب سان کائڻ. داڻو داڻو کائڻ. ٿورو ٿورو کائڻ.

چِکهہُ؛ ذ. يار– آشنا (عورت جو).

چِکهہُ؛ ذ. گهُٻ– چِٻُ (ٿانوءَ ۾). داغ (ماتا جو). نشان (ڌڪ جو).

چِڱائِي؛ ث. سُٺائي. ڀلائي– نيڪي. فائدو.

چِڱڀلائي؛ ث. چاقائي– تندرستي– صحت.

چِڱمُڙسِي؛ ث. ڀلمانسي. نيڪ مردي. وڏ ماڻهپي. راڄ يا پاڻيچاري جي پڳداري.

چِڱو؛ ص. سُٺو– ڀلو. موزون– مناسب.

چِڱو ڀلو؛ ص. تندرست– چاق– صحتمند.

چِڱو مَٺو؛ ص. ٻُرو ڀلو. کرو کوٽو. دوست دشمن.

چِڱِي؛ ص. سُٺِي– ڀلي. موزون. (ث) نيڪي– ڀلائي.

چِڱيءَ طرح؛ ظ. سٺيءَ طرح. ٺاهي ٺوڪي. گهڻي انداز ۾.

چِلاڪِي؛ ص. چالاڪ (عورت). بدڪار.

چِلتِ؛ ث (سن) چال– روش. ڍنگ– عادت.

چِلتو؛ ذ. رواج– ڪاپو. ڍنگ– نمونو. زيب زينت.

چِلتو ڪرڻ؛ ڏيکاءُ ڪرڻ– نمايش ڪرڻ. سينگار ڪرڻ.

چِلپل؛ ث. ٿوري وقت جو ڏيکاءُ.

چِلڙ؛ ث. گپ. درياءُ ڍنڍ جي ڪناري واري چِڪَ.

چِلغوزو؛ ذ. چِيل جو وڻ. چِيل جي وڻ جو ٻج (جيڪو پچي کائجي)– نيزا.

چِلڪَ؛ ث. چمڪو– روشني. زريءَ جو ٻُورو– اَفشان.

چِلڪاٽُ؛ ذ. چِلڪو. تجلو.

چِلڪائڻُ؛ م. چمڪائڻ. مهٽي صاف ڪرڻ. صَيقل ڪرڻ.

چِلڪَڻُ؛ م. چمڪڻ. جَرڪڻ. تجلو ڪرڻ.

چِلڪو؛ ذ. چمڪو. تجلو.

چِلمَ؛ ث (ف) تماڪ ڇڪڻ لاءِ ٺِڪَر جو هڪ خاص ٿانءُ.

چِلمَ ڀرڻ؛ خدمت ڪرڻ. نيچ ڪم ڪرڻ.

چِلمچِي؛ ث (ترڪي) هڪ قسم جو ٿانءَ (ٺِڪر ٽامي وغيره جو جنهن ۾ هٿ ڌوئجن).

چِلڻُ؛ م. هلڻ.

چِلو؛ ذ. چاليهن ڏينهن جو عمل يا وظيفو. اُها جاءِ جتي ڪنهن بزرگ چِلو ڪڍيو هجي. وياڻل عورت جي چاليهن ڏينهن تائين سنڀال. ڪَمان جي زِهَ. پڙهيل ڌاڳو. گيهه ۾ تريل سوراخدار ۽ نرم ماني.

چِلو ڪڍڻ؛ چاليهن ڏينهن تائين وظيفو پڙهڻ. سخت

پابندي وارو پورهيو ڪرڻ.

چِلولاٺِي؛ ث. البيلاٺي- لاڏ. انگل.

چِلولو؛ ص. ڪيچلو. آنگلي. البيلو- لاڏلو. (ث. چِلولي).

چِلهہ؛ ث. چِپَ- چِٽَ. زور- دٻاء.

چِلهہ؛ ث. ٻاهہ ٻارڻ وارو هنڌ. رڌ پچاء ڪرڻ لاءِ ٻاهہ ٻارڻ جي جاءِ.

چِلهہِ مُٺو؛ ص. نمڪ حرام. بدلحِظو.

چِلهِرِ؛ ث. خانن واري هڪ راند (جيڪا چِٺن ڪوڏين سان رهجي). چِٺن ڪوڏين جو هڪ داء- چِنهرَ.

چِلهَڻُ؛ م. چپڻ- چِٽَڻ.

چِلهو؛ ذ. گپ يا گاري جو دائرو. وڻ جي چوڌاري پاڻيءَ لاءِ کڏو.

چِلهو؛ ذ. چِلهہ. وڏي چُلهہ. ڪُلُ. پاخاني ڪرڻ جو خانو.

چِلِي؛ ث. وَهٽ تي بار ڪٺڻ لاءِ ڪپڙي جي خُرزين.

چَمُ؛ ذ (ف. سن. چَرم) چمڙو- ڪلَ. چمڙي.

چَمُ لاهڻ؛ کَل لاهڻ. سخت سزا ڏيڻ.

چَماٽَ؛ ث (ف. طمانچہ) ڳل تي هٿ سان ڌڪ- لپاٽ.

چَماٽَ لڳڻ؛ صدمو رسڻ. نقصان پهچڻ.

چَماٽو؛ ذ. ٽماٽو.

چُماچاٽي، چُمَ چَٽَ؛ ث. چُمي پاڪر. پيار.

چَمارُ؛ ذ. چمڙي مان جُتيون ٺاهڻ جو ڪم ڪندڙ.

چِمتڪارُ؛ ذ (سن) حيرت ۾ وجهندڙ واقعو- ڪرشمو.

چَمِٽو، چِمٽو؛ ذ. ٽانڊي ڪڍڻ لاءِ لوهي اوزار- دست پناهہ.

چَمپا؛ ذ. هڪ قسم جو گل ۽ ٻوٽو.

چَمپاڪَلِي؛ ث. هڪ قسم جو ڳهہ.

چَمپَٽ؛ ص. گم- غائب.

چَمپَل (ث)، چَمپَلُ؛ ذ. ٻن پٽين واري عام جُتي.

چَمَ چِچڙُ؛ ذ. جيت جو هڪ قسم (جانورن جو رت چُسي). (ص) چُهٽي پوندڙ. ڪنجوس.

چَمچو، چِمچو؛ ذ. ڪاٺ پيٺ ۾ ڪم ايندڙ ڏوئي جهڙو هڪ ننڍڙو ٽانءُ.

چَمچُوس؛ ص. ڪنجوس.

چِمرَ؛ ث. اُٺ جي نڪ ۾ وڌل ڌاڳي جو ڪڙو (جنهن ۾ مهار ٻڌجي).

چَمڙو؛ ذ. چَمُ. ڪَلَ. هڪ مشهور ساهوارو جيڪو فقط رات جو اُڏامي (ڏينهن جو اُونداهي واري هنڌ تي اُونڌو ٽنگيل هوندو آهي).

چَمڙِي؛ ث. چَمُ- ڪَلَ.

چَمڙي لاهڻ؛ کل لاهڻ. وڏيڪ قيمت وٺڻ. مارَ جي سخت سزا ڏيڻ.

چِمڪاٽُ، چَمڪاٺ؛ ذ. چمڪو. تجلو.

چِمڪاڻِ، چَمڪاٽُ؛ م. چلڪائڻ. اوجر ڏيڻ. روشن ڪرڻ. نمايان ڪرڻ. مشهور ڪرڻ.

چِمڪَڻُ، چَمڪَڻُ؛ م. چلڪڻ. روشن ٿيڻ. جَرڪڻ.

چَمَڪدارُ، چِمڪيدارُ؛ ص. چمڪندڙ- مُنور.

چَمڪو، چِمڪو؛ ذ. چمڪاٽ- تجلو.

چَمَن؛ ذ (ف) باغ. باغيچو. سرسبز جُوءِ.

چَمنستانُ؛ ذ. گُلزار- چمن.

چَمَنڊُ؛ ذ. سُٽَ يا چَم جو نوڙ جيڪو باغائي چيلهہ ۾ وجهي ان جي مدد سان کجيءَ جي وڻ تي چڙهي.

چِمني؛ ث (انگ) لالٽين جو شيشي جو گولو. ننڍڙي بتي. ڪارخاني جي دونهين جي نيڪال لاءِ لوهي يا سِرن جو منارو.

چُمَڻُ؛ م. چُمي ڏيڻ- مِني ڏيڻ. پيار ڪرڻ.

چَموٽو: ذ. چمـــڙي جي ودي. چمـــڙي جو ڳٽ. ڇُهندڙي.

چُمي: ث. مِني- بوسو.

چِميگوئي: ث (ف. چہ مي گـوئي) چؤيچو. ڳالهہ ٻولهہ. راڻزني. تنقيد. اعتراض.

چُنُ: ذ. ڪُوري ۾ سڙيل جبل جو پٿر- سيڙهي. گڄ. پوچي.

چُنانچِ: ظ (ف) انهيءَ طرح. تنهن ڪري.

چَنبُڙائِڻُ: م. چهٽائڻ. لائڻ- ڳنڍڻ. لڳائڻ (نوڪري ۾). ڦاسائڻ.

چَنبُڙَڻُ: م. چهٽڻ- لڳڻ. لڳي پوڻ. ڦاسڻ.

چَنبو: ذ (ف. پنجہ) هٿ يا پير جي آڱرين وارو حصو. کليل هٿ. جانور جو پير.

چَنبي ۾ اچڻ: قبضي ۾ اچڻ. هٿ ۾ اچڻ. قابو ٿيڻ. مطيع ٿيڻ.

چَنبي: ث. هٿ يا ڪرائي ۾ سوگهو جهلڻ (راند يا زور آزمائي ۾).

چَنبيلِي: ث. هڪ قسم جو خوشبودار ٻوٽو ۽ اُن جو گل.

چِنتا: ث (سـن) ڏپ- انديشو. اُلڪو. خيال- ڳڻتي- ويچار.

چُنجَ: ث. چهنب. نـوڪ. جبل جي چوٽي. (ف. ڪنج) وڻن جو جهڳٽو. جهنگ. غار- ڇُر.

چَنجُورُ: ذ. هڪ قسم جو لوهي اوزار- ٽيڪم.

چُنجهو: ص. ننڍڙين اکين وارو. گهٽ نظر وارو- چُوچو. (ث. چُنجهي).

چَنچَلُ: ص (سن) هڪ هنڌ ٽِڪاءُ نہ ڪندڙ. بي چين- بيقرار. البيلو- دادلو. چِلولو.

چِڦَند: ص (ف) ٿورا- ڪجهہ- ڪي.

چِندُ: ص. چوندبل- ڏٺيل؛ خالص- نج.

چَندَنُ: ذ (سن) صندل جو وڻ ۽ ڪاٺ- سَرڳند.

چَندَن هارُ: ذ. ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ ڳهہ (جنهن ۾ چنڊ جهڙيون گول پٽليون پوتل هجن).

چَندو: ذ (ف) ڪنهن ڪم ۾ مدد طور ڏنل رقم- ڦوڙي.

چِندو: ذ. ٽوپيءَ جو وچ وارو گول ٽُڪر. ٽوپيءَ جي ڪنارَ. ڪَٽ ۾ واڻ ۽ واڏڻ جي وچ وارو مڙهيل حصو.

چَنڊُ: ذ (سن. چندر) مشهور آسماني سيارو (زمين جي چوڌاري گردش ڪري). قمر- ماه.

چَنڊ گِرَهڻ: ذ. سج ۽ چنڊ جي وچ ۾ ڌرتيءَ جي اچڻ تي اونداهو چنڊ ٿيڻ- خسوف.

چَنڊالُ: ص (سن) نياڳو- بدبخت. مسانَ ۾ هندن جا مڙدا سارينڌڙ.

چنڊالَ چوڪري: ص. بدمعاش ماڻهن جو ٽولو. بيڪار ۽ فسادي ماڻهن جو ٽولو. حرڪتي ماڻهن جو ٽولو.

چَنڊو: ص. نياڳو- بدبخت. منحوس. (ث. چنڊي)

چَنڊوَلُ: ذ. هڪ قسم جو پکي.

چَنگُ: ذ (ف) وات سان وڄائڻ جو هڪ ساز. چوياڻي کي ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ لاءِ ڪنجهي جو گهنڊ.

چَنگ چڙهڻ: مشهور ٿيڻ. بدنام ٿيڻ.

چَنگالِي: ث. ڪيرٽي. چُوري.

چُنگلُ: ذ (ف) لپَ. پريل مُٺ.

چُنگِي: ث. گهڻي شيءِ مان ڪنيل ٿورو حصو. محصول. آڏ جي ڪپ تي پوڪيل ٻج يا وَل. بيماري جي مُوڙي.

چَنگيرِي: ث. ٽوڪري (گلن يا ميوي جي).

چِنگهہَ: ث. ٽڪ. بيماري يا هيڻائيءَ ڪان آهستي

دانهن- ڪُڪڙ. ڪنجهڪار.

چنگهائڻ، م. چنگهه ڪڍائڻ. ماندو ڪرڻ.

چنگهَڻ، م. ٽَڪ. بيماري يا هيڻائيءَ ڪان هلڪيون دانهون ڪرڻ.

چَنڻ، چَنڻ، ذ. خوشبودار پاليٽ (جيڪو شادي وقت ڪنوار کي مٿي ۾ وجهجي. 'بدن کي چنڻ جو لوٽڻ ڪرڻ'.)

چنڻ، م. چَرڻ (وهٽ). گاهه ڪاٽڻ (وهٽ).

چنُو، ذ. جانورن جون ڳلون (جيڪي چَرڻ سان نڪرن). چُن.

چَنهَر، ث. چَلهر (راند).

چُني، ث. هڪ قسم جي رنگا رنگي پوتي. چُريل ڳاڙهي رنگ جي پوتي.

چُڙ، ث. چُوندب. سلوار جا سَرَ. ڪپڙي جا سَرَ.

چَٺا، ذ (جمع ۾ ڪم ايندڙ) اناج جو هڪ قسم (ٽي قسم: اڇا چٺا، ڳاڙها چَٺا، ڪارا چٺا).

چَٺن جي دال، ث. ڏريل چٺا (جيڪي ٻوڙ وانگر رڌجن).

چُو پُو، ث. آهستي ڳالهه- سُس پُس. چوُبول. پچار.

چُڪَڻ، چِڪَڻ، م. چُڀَڻ (دل ۾). ياد پوڻ. هُرڻ (خيال، پُور).

چِڪنگ، ث. ٽانڊي جو تمام سنهون ذرو- اُلو.

چِکَڻ، م. چُوندڻ. داڻو داڻو ڪري ڪاٽڻ. چِکڻ. ڪپڙي جا سَرَ ڪاڻڻ.

چِکو، ذ. هڪ قسم جو اناج (چٺن کي ڏرڻ سان دال ٿئي ۽ پيهڻ سان بيسڻ ٿئي).

چِکولي، ث. هڪ قسم جو ٻج (جيڪو سونارا رَتي جي وزن طور ڪم آڻين).

چَوُ، چَو، ص. چار. صفاتي اڳياڙيءَ طور ڪم ايندڙ لفظ (مثلاً: چوُپايو، چَوڪُنبو وغيره).

چَوائڻ، م. ٻئي جي معرفت پيغام موڪلڻ. سفارش ڪرائڻ. منسوب ٿيڻ- نالي ٿيڻ.

چوبَ، ث (ف) ڪاٺي. طنبو جو لڪڙو.

چوبدار، ص. در تي لٺ کڻي بيهندڙ دربان. محافظ.

چَوبازَ، ث. گهوڙي جي هلڻيءَ جو هڪ نمونو (جنهن ۾ اڳيان ٻئي پير ۽ پويان پير گڏ کڻي ۽ ٽِڪو ڊوڙي)- چوُتال.

چَوُبڪو، چَوبڪيو، ص. چوُبَندُ.

چَوُبَندُ، ص. چارئي عضوا مضبوط- سگهارو- پهلوان.

چَوبارو، ذ (ف. چوُباره) چئني پاسن اڱڻ وارو گهر.

چوبو، ص. گهڻ ڪاٺو- پيٽير. هيچي.

چَوبولُ، چوُبولو، ذ. گهڻن ماڻهن جو ڳالهائڻ. ڪنهن واقعي بابت گهڻن ماڻهن جي چوُپچو.

چُوتِ، ث. اڄاڻ. بيوقوف. موڳو- واتڙو.

چُوتيو، ص. بيوقوف. واتڙو.

چَوتال، ص. پُٺن ير (ڪرڻ). سنئون نئون (ڪرڻ).

چُوتِڪي، ث. هلڪي ۽ سوڙهي سُٿڻ، پاجامو.

چوتو، چوتيو، ذ. لانگوٽ- لُنگ.

چوٿِ، ث. چنڊ جي چوٿين تاريخ. چوٿون حصو.

چوٿاڙُ، ذ. چوٿون حصو. چوٿو.

چوٿائي، ث. چوٿون حصو. اَنُ مَئُن جو هڪ ماڻُ (پاٽيءَ جو چوٿون حصو).

چوٿو، ذ. چوٿون حصو.

چوٽَ، ث. زخم- گهاءُ. ڏڪ. صدمو. نقصان- ٽوٽو. جُلهه- ڪاهه. ٻوڙ. نقارن جي هڪ وڄت.

چوٽَ ڪرڻ، حملو ڪرڻ- ڪاهه ڪرڻ، تکي ٻوڙ پائڻ. نقصان پهچائڻ.

چوٽون ڪاٽڻ، مقابلا ڪرڻ. ويڙهه ڪرڻ.

چوٽ؛ ذ. اوچائي- مٿانهين. مٿيون حصو (جبل وغيره جو). مٿي جا ويڙهيل وار. وانگوڙو. (ظ) مٿي- اُتانهون. چوٽيءَ تائين پريل.

چوٽ چڙهڻ؛ تمام مٿي چڙهڻ. ڳالهہ يا معاملو وس کان ٻاهر نڪرڻ.

چوٽو؛ ذ. مٿي جا ويڙهيل وار. وانگوڙو. وڏي ٿلهي چوٽي (وارن جي).

چوٽي؛ ث. ڳُتَ. ڳتيل وار. هندن ۾ مٿي جي تارونءَ ۾ ڇڏيل وارن جي چڳَ. جبل جو اُوچو حصو. بلندي. عروج- انتها- چيڙو. حد. پُڇڙي. پکيءَ جي مٿي ۾ موڙُ يا ڇَٽُ.

چوٽيءَ ڦلُ؛ ذ. ڳُتَ ۾ هڻڻ جو هڪ ڳهہ (عموما چانديءَ جو ٺهيل).

چوپُ؛ ص. ڳوڙهو (رنگ)- گهرو- گهاٽو. (ذ) سنڌي گجَر جو مٿيون حصو. پوکڻ لاءِ ٻصر جون ننڍيون پتيون.

چَوپاس، چوُپاسي؛ ظ. چئني طرفن- اردگرد- چوُطرف.

چوُپائي؛ ث. چئن پيرن وارو مادي جانور (مينهن، ڍڳي، ٻڪري وغيره). ڳٽَ- مَنجي.

چوُپايو؛ ذ (ف. چهارپايہ) چئن پيرن وارو جانور (ڍڳو ڍور وغيره). حيوان. ’چوپايو مال‘.

چَوپچَوُ؛ ث. ڳالهہ ٻولهہ- پڇار. خبرچار- سُڌس.

چَوُپَڙِ، چَوُپَڙِ؛ ث. هڪ مشهور راند- نردبازي.

چَوپڙو؛ ذ. ننڍڙو ڪتاب. ٻَندي. (ث. چوُپڙي)

چُوپَڻُ، چُوپڻُ؛ م. چُوسڻ. چُوسي ڪڍڻ.

چُوپڻي؛ ث. چُوپڻ جي شيءِ (تيليءَ ۾ لڳل ڪٽمنڙو ٻارن جي کائڻ لاءِ).

چُوپو؛ ذ. چُوپيل ڪمند يا گاهہ جو ڳنو. چُوپيل چُوتو (جيڪو مال کائي نہ سگهي). اولڙ گاهہ جا ڪانا.

چُوپا ڪرڻ؛ گاهہ کائي ڏانا وغيره ڇڏي ڏيڻ. ٿوڪاري ڇڏڻ.

چَوُپيرو؛ ص. چئن پيرن وارو چوُپايو (ث. چوُپيري).

چوجَ؛ ث. سهڻائي. خوبي. سَڌ. چاهہ- اُتساهہ. پيار- قرب.

چَوُچاء؛ ذ. سفارش. پارت. چوڻ اکڻ. هدايت نصيحت.

چُوچڙِي؛ ث. سنهي ٻرندڙ ڪاٺي يا تِيلي- چِڻانتي.

چُوچڙِي ڏيڻ؛ باهہ لڳائڻ. جهيڙو مچائڻ. ٻريل جهيڙي کي زور وٺائڻ.

چوچو؛ ذ. بهتان- الزام. چُرچَ.

چُوچو، چُونچو؛ ص. ننڍڙين اکين وارو (جيڪو اکيون چنجهيون ڪري ڏسي سگهي).

چَودَرو؛ ذ. چئن درن وارو صفو يا ڪمرو. (ث. چوُ دري).

چُودِڪي؛ ث. ريجڪ- پُور.

چَودارِ؛ ظ. چئني پاسي- آسپاس.

چَوداري؛ ظ. چئني طرفن- آسپاس.

چَوڏسِ؛ ث. چنڊ جي چوڏهين تاريخ. چانڊوڪي رات. پورنماسي.

چَوڏِسِ؛ ظ. چئني طرفن- آسپاس.

چَوڏندو؛ ص. چئن سالن عمر جو (جانور). (ث. چَوڏندِي).

چَوڏولَ، چوُڏيلَ؛ ث. چئن ڏولين (پينگهن) سان هيٺ مٿي ڦرندڙ پينگهہ. وڏي ڏولي (جنهن کي چار يا وڌيڪ حمالَ کڻن).

چوڏهَن؛ ص. ڳاڻاٽي جو هڪ عدد (١٤).

چوڏهن چارو؛ ص. گهڻين واٽن وارو منجهائيندڙ.

چوڏهن خانوادا؛ ذ. زاهدن جي سلسلي جا چوڏهن

خاندان (جن جو سلسلو خواجہ حسن بصري سان ملي ٿو؛ ادهمي، بهيري، زيدي، حبيبي، عجمي، طيفوري، ڪوفي، سقطي، جُنيدي، گاذروني، طوسي، سهروردي، چشتي).

چوڏهن طبق؛ ذ. چوڏهن دنيائون (ست زمينون ۽ ست آسمان).

چوڏهِيِن؛ ٿ. چنڊَ جي چوڏهين تاريخ.

چُوڏهيِءَ جو چنڊ؛ ذ. پُورو چنڊ- ماه ڪامل. (ص) سهڻو- حسين.

چوڏهِيو؛ ص. چوڏهن هنر ڄاڻندڙ. چالاڪ- حرفتي.

چورَا ٿ. چورڻ جو عمل. چُرَ- حرڪت. چُرپُر- هُشي.

چورُ؛ ص (سن) پرائي شيء لڪائي کڻي ويندڙ. چوري ڪندڙ- دُزد.

چورُچَڪارُ؛ ذ. چورُ. چوريءَ لاءِ چڪر ڏيندڙ.

چور دروازو؛ ذ. ڳجهو دروازو. لڪل در.

چُورُ؛ ص. ڪُٽيل. پيٺل. ذرا ذرا. ٿڪل. مدهوش.

چُور چُورُ؛ ص. ذرا ذرا- پرزا پرزا. ٿَڪ يا نشي ۾ ساٿو، گهايل- زخمي.

چوراسُ؛ ص. چوڪنڊو- چورس.

چوراِيو؛ ص. عادتي چور. رواجي چور.

چوراڪارِي؛ ٿ. چوريون. گهڻن هنڌن تي چورين جو سلسلو.

چوراڪورا؛ ٿ. هُرڪر- آنڌمانڌ- بيقراري. ڳُڻتي.

چَوراهو؛ ذ. چئن رستن ڦُٽڻ وارو هنڌ- چَوسُولُ. چوُواٽو.

چورائِڻُ؛ م. چوري ڪرڻ. لڪائي کڻي وڃڻ. ڳَم ڪرڻ. زخم يا ڦٽ جو پاڻي چُهڻ.

چورَتَ؛ ٿ. چُرپُر. هُشي. ٻَچَ.

چورُ تَپُ؛ ذ. رات جو ايندڙ تپ (جنهن لاءِ سوڻ طور چورَ کان ڌاڳو وٺائي ٻڌجي).

چورُ ڏندُ؛ ذ. اَڌو ڏَنڊو يا ٻئي ڏند جي پاڙ مان نڪتل ڏند.

چورُ ڀَڙِي؛ ٿ. چورن جو ٽولو- وڏو چور (جيڪو گهوڙن تي چڙهي چوريون ڪري). ڀاٽاريدارُ.

چَورَسُ؛ ذ. چئن ڪنڊن واري شڪل يا ايراضي جنهن جا چارئي پاسا هڪ جيڏا هجن- چوڪُنڊو- مُربع.

چُورمو؛ ذ. گيهہ ۽ کنڊ ۾ پوريل ماني- ڪُٽِي- چُوري.

چُورَڻ، چُورَڻُ؛ ذ (سن) چُورو- سفوف- ٻورُو. پيٺل يا ڪُٽيل وکر جي ڦَڪِي.

چوُرَنگُ؛ ص. تلوار جي هڪ ٿي وار سان چئني طرفن ڌڪ هڻندڙ پهلوان- سورهيہ. سهڻي صورت وارو.

چورَڻُ؛ م. سيرڻ- ريڙهڻ. ڏِڪڻ- هٽائڻ. حرڪت ڏيڻ. برغلائڻ- پڙڪائڻ- هُشي ڏيڻ.

چُورو؛ ذ. ڪُٽيل شيء جو ٻُورو. ڪُٽو- پورُ. سفوف. ڪُتر (سوپارين جي).

چورِي؛ ٿ. ٻئي جو مال چورائڻ جو عمل- سرقو. (ظ) ڳجهيءَ طرح- ڳجهہ ڳوهہ ۾.

چُورِي؛ ٿ. گيهہ کنڊ ۾ پوريل ماني- ڪُٽِي.

چوڙ؛ ٿ. پهرڻ پائڻ ۾ ڪپڙي جو ڄٽاءُ.

چُوڙ؛ ٿ. ڪاني (ايس، اوپري وغيره) جي گهڙيل پُچڙي جيڪا ٻيءَ ڪانيءَ جي سَلَ ۾ وجي.

چُوڙِ؛ ٿ. سڄيءَ ٻانهن تي چڙهيل چُوڙين جي قطار- ٻانهِين.

چوڙا؛ ذ (جمع ۾) عذاب- سُورَ.

چوڙا ڪائڻ؛ درد پَٽڻ- ڌڪ ڌاڪ" .

چُوڙَ ڪُنڊِي؛ ٿ. اُها ڪُنڊي ... جنهن جا سِڱَ چُوڙي وانگر گول هجن.

چوڙهُ، چوڙهِ: مر. پائڻ (ڪپڙو)- پهرڻ- هنڊائڻ.
چوڙهُ مائڻ: اوڍڻ پهرڻ (ڪپڙو لٽو). ڪائڻ ڪپائڻ- عيش ڪرڻ.
چوڙو: ظ. ڪشادو- ويڪرو- ڪُليل. (ث. چوڙي).
چُوڙو: ذ. ٻانهن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه (عاج، شيشي يا ڪنهن ڌاتوءَ جو)- ڪنگڻ.
چُوڙي: ث. ڪنگڻي- چُوڙو.
چُوڙيگر: ص. چوڙيون ٺاهيندڙ (خاص طور عاج يا ڪافور جون چوڙيون ٺاهيندڙ).
چُوڙيلي، چُوڙيري: ث. چُوڙين پاتل عورت- سهڻي عورت. سهاڳڻ. ڪنواري.
چُوزو: ذ (ف. چوزه) ڪڪڙ جو ٻچو.
چُوسَ: ث. چَسَ- سواد. عادت- هير. لالچ. چُوسڻ جو عمل.
چُوسَ پوڻ: عادت ٿيڻ- هير پوڻ.
چوسَرَ: ث. چوپڙ راند.
چُوسَڻُ، چُوسِڻُ: مر. چپن سان رس ڪڍڻ، چُوپڻ. چهَڻُ (پاليث ڪي).
چوطاق: ظ. پٺن پر- سنئون نئون (ڪرڻ).
چوغو: ذ (ف) هڪ قسم جو ڪوٽُ- جُبو.
چوڦيرُ: ظ. چئني طرفن- آسپاس- چوڌاري.
چوڪَ: ث. ڪاني جي چهنب اشارو ڪرڻ. چُونڪَ- اشارو.
چوڪَٺُ: ذ. دريا دريءَ جو چوڻڪ (جنهن ۾ طاق هڻجن).
چوڪُ چَندو: ص. تهہ نياڳو- وڏو بدبخت.
چوڪِڙو: ذ. ٽڪُ. توري ٽڪاوٽ.
چوڪِڙو ڀڄڻ: ٽڪ لاهڻ. توريءَ دير لاءِ ساهي کڻڻ.
چوڪِڙي، چونڪِڙي: ث. چئن چيزن جو مجموعو.
چار ايڪڙ زمين، چورس خانو. تاس جو هڪ رنگ- اِيٽ.
چوڪَس: ص. خبردار- هوشيار- سجاڳ.
چوڪَسي: ث. خبرداري- سجاڳي. نگراني.
چوڪنڊو: ص. چئن ڪنڊن وارو- چورس.
چوڪَڻُ: مر. چوڪَ ڏيڻ. ڪاني وغيره چُڀائي اشارو ڪرڻ.
چُوڪو: ذ. اوڀڙ جو هڪ قسم (پالڪ جهڙو، سواد ڪٽو).
چوڪي: ث. پهرو. ناڪو. ٿاڻو. پهريدار جي ويهڻ جي جاءِ. صندلي.
چوڪي ڏيڻ: ڪنهن درگاه تي حاضري ڀرڻ ۽ ڳائڻ جو مجرو ڪرڻ.
چوڪِيدارُ: ص. پهريدار- نگهبان.
چوڪِيداري: ث. پهرو. نگراني.
چوڪا: ذ (جمع ۾) چانور.
چوگنڊي: ث. قبر جي مٿان ٺهيل سان اڏيل ڇت- تجر.
چوکو: ص. عمدو- سٺو. نج- خالص. (ث. چوکي).
چوگانُ، چوغانُ: ذ (ف) هڪ قسم جي راند جيڪا گهوڙن تي چڙهي ڇڙين ۽ بال سان کيڏي وڃي. چوڪنڊو دالان، ميدان.
چوگِرد: ظ (ف) چئني طرفن- آسپاس. چوڌاري.
چوڳُ: ذ. پکين جي چڳڻ لاءِ داڻو (ان). پکين جو داڻن چڳڻ وارو عمل.
چوڳو: ذ. پکيءَ جو چهنب سان ٻچن کي کارايل کاڌو. اهو کاڌو جيڪو مادي پکي ڳجهيءَ مان ڪڍي ٻچن کي کارائي. کاڌو.
چوڳو ڪرائڻ: ڪجهہ کاڌو کارائڻ. رشوت ڏيڻ.

چوڪو: ص. چئن سالن ڄمار جو (وهٽ).

چولو: ذ. پهراڻ- ڪڙتو. زنانو پهراڻ. فقيرن جي پائڻ لاءِ ڊگهي ڪفني- جامو.

چولو مٽائڻ: وفات ڪرڻ. رُوپ مٽائڻ. قالب بدلائڻ.

چوماسو: ذ. چار مهينا. برسات جي چئن مهينن واري مُند.

چُون: ث. هلڪو آواز. ٿورو آواز.

چُونارڄڻُ: م. ڍڳي جو پير چُونيءَ سان زخمي ٿيڻ. هرَ ۾ وهندي ڍڳي جو پير چُونيءَ سان زخمي ٿيڻ.

چُونارو: ذ. رازڪي ڪم جو هڪ اوزار.

چُوناري: ث. ننڍو چُونارو.

چُون چَرا: ث (ف) چوچا. بحث. ريڙهه پيڙهه. پٽڪو. حرڪت- چيڙچاڙ.

چُونچو: ص. چُوچو. چُنجهو. (ث. چُونچي).

چُون چُون: ث. جهرڪين يا پکين جي ننڍڙن ٻچن جو آواز.

چُونڊَ: ث. ڏوڻ- پسندي. اليڪشن- انتخاب (ميمبر يا عهديدار جي). نچڪٽي سان اچن وارن جي چُونڊ.

چُونڊڻُ، چُونڊِڻُ: م. هڪ هڪ ڪري گڏ ڪرڻ- يڪجا ڪرڻ. منتخب ڪرڻ- ڏٿڻ. زمين تي ڪريل شيءِ ٿرو ٿرو ڪري ڪٺڻ.

چُونڊو: ذ. لاباري ڪان پوءِ بنيءَ ۾ رهيل اَنُ يا سنگن جي چُونڊ (جيڪا غريب ماڻهو ڪن). ڪپهه جي فصل مان ڦٽين جي چُونڊ. زالن جي مٿي جا وار- جُنڊا.

چَوِنرُ: ذ. مور جي کنبن يا پَٽ جي تندن جو مُڇو (جنهن سان بادشاه کي واءُ هڻبي)- مورڇل.

چَوِنرُ ڍَرَڻُ: بادشاهي ماڻڻ. ڀاڳ لڳڻ. بخت ورڻ.

چَوِنرا: ذ. هڪ قسم جو اناج.

چَوِنرو: ذ. هڪ قسم جو ڪکائون گول گهر (عام طرح ٿر ۾ اڏجي).

چوِنري: ث. تاتوءَ مان ٺهيل هڪ قسم جو ٿانءُ. چوِنر- مورڇل.

چَوِنري ڍرڻ: ڀاڳ کلڻ. بخت ڀلو ٿيڻ.

چَوِنڪُ: ذ. چار عدد. چوواٽو- چوسُولُ. چورس. دَر يا دريءَ جو چَوڪٺ. بدن جي چئن سنڌن گڏجڻ وارو هنڌ (ٻن ڦٽين، ٻُني ۽ ڪنڌ جي وچ وارو هنڌُ- پُٺا. پوک ۾ سنگن نسرڻ واري حالت.

چوِنڪڙي: ث. چئن جو مجموعو. چار ايڪڙ زمين. پتن جي تاس جو هڪ رنگ.

چوِنڪي: ث. چَوڪِي.

چُونڪَ: ث. آگر يا ڪانيءَ سان چوڪَ. چُرچ.

چُونڪَ ڏيڻ: هُشي ڏيڻ- اُڀارڻ.

چُونگارَ: ث. آهستي آواز. چڙن وغيره جو واڄو.

چُونگارڻ: م. لات لنوڻ (پکي). جهونگارڻ.

چُونو: ذ. چُنُ.

چُوني: ث. هرَ جي ڪُڙهه ۾ پيل لوهي ٿر- گهوٻو.

چَوَڻُ: م. ڪُڇڻ- آکڻ. ڳالهائڻ. ڳالهه ڪرڻ. بيان ڪرڻ. ذڪر ڪرڻ. آمر ڪرڻ- حڪم ڪرڻ. آگاه ڪرڻ. عرض ڪرڻ. سوال ڪرڻ. نصيحت ڪرڻ. جُٽ ڪرڻ. (ذ) حڪم. هدايت. نصيحت.

چَوڻ چائڻ: حڪم هدايت. هدايت نصيحت. پارت سفارش.

چوڻ ڪرڻ: حڪم مڃڻ. نصيحت تي عمل ڪرڻ.

چَٽي ڏيڻ: ظاهر ڪرڻ- کولڻ (ڳالهه). راز ٻڌائڻ.

چُولو: ذ. چوڳو. قُوت. رزق.

چُولو پاڻي: ذ. داڻو پاڻي. نصيب ۾ لکيل رزق.

چَوَلِي: ث. چوَڻ جو نمونو. محاورو. قول. پهاڪو.

چوواپو: ذ. چئني طرفن کان لڳندڙ هوا.

چُوهو، ذ. ڪُوئو. (ث. چُوهي).

چوڙِڻُ، م. نچوڙڻ- نپوڙي پاڻي ڪڍڻ (ڪپڙي مان). چَوڻُ- آکڻ.

چُوئو، ذ. چئن شين مان ٺهيل خوشبوءِ (مُشڪ، عنبر، زعفران، صندل).

چُوئو چَندَنُ، ذ. سُرهاڻ- خوشبوءِ.

چَوياري، چوڀاري، ث. چئن يارن جو ٽولو. ڪچهري. سنڌ ۾ چئن ٽالپور حڪمرانن جي گڏيل حڪومت.

چَهَہ، ث (ف. چاهہ) خوشي. شوق- چاهہ. مزو.

چَهبُڪُ، چابُڪُ، ذ (ف. چابڪ) گهوڙي وغيره کي هڪلڻ لاءِ ڪاٺيءَ ۾ ٻڌل ڏوريءَ وارو هٿيار- تازيانو.

چَهبَچو، ذ (ف. چہ بچہ) مال جي پاڻي پيئڻ لاءِ حوض. نِيرُ (رڳ) ناهڻ جو ڪُن.

چَهبَرُ، ذ. ويڪري مُنهن وارو ٿانءُ. وڏو گهاءُ. (ص) وات ڦاٽل.

چَهہ بَهہ، ث. خوشيءَ جو ڳالهائڻ. ڪل خوشي. راند روند. وندر.

چَهہ چهہ، ث. پکين جون ٻوليون.

چُهچُ، ذ. گهاٽو ساٺو رنگ.

چُهٽائڻ، م. چنبرائڻ- لڳائڻ.

چُهٽَڻُ، م. چنبڙڻ- لڳڻ، ڦاسڻ. پويان لڳي پوڻ.

چَهچِٽو، چَهچِٽو، ذ. رونق (گهڻن ماڻهن جي موجودگيءَ سان)- نظارو.

چَهَرَ، ث. لوڻ مرچ پيل چهري شيءِ. مصالحيدار ڳنڊڻ (مانيءَ سان کائڻ لاءِ).

چَهَر ڪرڻ، سوادي کاڌي مان ڪجهہ کائڻ. مزو وٺڻ. ذائقو بدلائڻ لاءِ کائڻ.

چَهرائي، ث. مرچ مصالحي ۾ تيزي. تيزي (رنگ جي)- گهاٽائي. رونق. تازگي- ڦُڙائي.

چَهرو، ص. لوڻ مرچ وارو (کاڌو). رونق وارو. سَرهو (مُنهن ۾).

چهرو، چَهرو، ذ (ف. چهره) شڪل- صورت- شبيه- روپ.

چَهَڙَ، ث. چڙٻ- جهٽڪ.

چُهڙو، ذ. هِندن ۾ هڪ گهٽ ذات (جيڪي صفائي جو ڪم ڪن)- ڀنگي- ڀالو.

چَهَڪُ، ذ (ف. چاڪ) وَڍُ (ڪاتيءَ وغيره جو). چِير- زخم- گهاءُ.

چَهڪَڻُ، م. تنوارڻ- ٻوليون ٻولڻ (پکي).

چِهلُ، ص (ف) ڳاڻيٽي جو هڪ عدد (٤٠).

چِهلَ قَدمي، ث. چاليهن قدمن جيترو هلڻ (هوا خوري لاءِ). آهستي آهستي پنڌ ڪندي سَيرُ- پَسار.

چُهلڙا، ذ. چرچو مسخري. ناز نخرو.

چِهلَمُ، ذ (ف) چاليهو. فوتيءَ جو چاليهون ڏينهن. چاليهي جي رسم (حضرت امام حسين جي شهادت بابت).

چُهنڊڙي، چُهنڊِي، ث. آڱر ۽ آڱوٺي کي ملائي ڪَل کي مروٽو يا زور ڏيڻ. چِپٽيءَ جو مروٽو.

چُهنڊڙي پائڻ، ڏکوئيندڙ ڳالهہ ڪرڻ. مهڻو ڏيڻ.

چَهڻُ، م. (پاڻيٺ کي) جذب ڪرڻ.

چَهو، ذ. سنهون لڪڻ- تلهڙ.

چَهُو، ظ. گَم. هضم.

چِٺاڪو، چِٺانڪو، ذ. ٿمندڙ پاڻيءَ جو ڦڙو- بُوند.

چِٺانٽِي، ث. ٻرندڙ سنهي ڪاٺي- چُوچڙي.

چَٺلينجُ، ذ (انگ) مقابلي لاءِ سڏ يا للڪار.

چَٺيواهُ، ص. چيو وٺندڙ. چيو مڃيندڙ. فرمانبردار.

چِياڙِڻُ، م. زور سان چپڻ- چٿڻ.

چيٽُ ذ (سن. چت) خيال- ڌيان، سمجهه، هوش حافظو- يادگيري.
چيتارَڻُ م. ويچارڻ، چتائڻ، سمجهائڻ.
چيتو ذ (سن. چت) چيٽُ، دل- من.
چيتو ذ. مشهور جهنگلي جانور- پلنگ.
چيتاڙڻُ م. چٽڻ- چلهڻ، مٿان زور ڏيئي چپڻ.
چيتڙو ذ. چٽيل اگڙي، ريڙَ- چٽي.
چيٽُ ذ. سنبت سال جو پهريون مهينو، سياري جو فصل- ربيع.
چيٽي چنڊُ ذ. هندن جو هڪ ڏڻ.
چيٽَ ث. ڪيهَ- ڪوڪَ- رڙ.
چيٽَ پوڻ کهرو ڳالهائڻ، ڏند ڏيڻ، تڪرار ڪرڻ. ضد پوڻ.
چيٽڪُ ذ. شوق، ڳڻتي- فڪر، ڪرشمو، جادو- طلسم.
چيٽو ص. پوري نشان تي ڏڪ هڻندڙ.
چيٽي ث. ماڪوڙي- ڪيولي.
چيٽَ ث. سنيال، حيلو- ڪوشش، صفائي (زخم جي). استنجا.
چيٽڻُ م. زخم صاف ڪرڻ، حيلو ڪرڻ، ڪوشش ڪرڻ، استنجا ڪرڻ.
چيچَ ث. هٿ يا پير جي پيچاڙيءَ واري ننڍي آڱر.
چيچاٽُ ذ. شيءِ جي پاڻ ۾ گسڻ جو آواز (جيئن گاڏيءَ جي ڦيٿن جو آواز).
چيچپائي ث. لائي چائي- گلا غيبت، لچائي.
چيچڙو ذ. ڪمند پيڙڻ لاءِ ڳاهي وانگر هڪ آڏالو.
چيچڪو ذ. گدامڙي يا ٻير جي ٻلڙي مان نڪتل ٻج.
چيچلائڻُ م. بيماريءَ يا مصيبت ۾ ڦهڻ، لڇڻ ڦٿڪڻ، سُورَ يا آزار ڪان دانهون ڪرڻ، سنائڻ- آزارڻ.

ڦٿڪائي مارڻ.
چيخَ ث (ف) وڏي رڙ، سنهي ۽ وڏي آواز سان سڏ، ڪوڪَ.
چيخ پڪارَ ث. دانهن ڪوڪ- رڙ واڪو.
چيخڻ م. رڙيون ڪرڻ، هُل ڪرڻ، وڏي آواز سان ڳالهائڻ.
چيدَه ص (ف) چونڊيل- ڏٺل، خاص- عمدو.
چيرُ ذ. سيرَ- شگاف، ڦوٽَ، زخم- گهاءُ، وڍُ- چهڪُ.
چيرڦاڙ ث. زخم جي وڍ ٽُڪَ- جراحي.
چيرائي ث. ڪاٺ جي وڍائي.
چيرڻُ م. وڍڻ (ڪاٺ)، ڏارڻ، ٽُڪر ڪرڻ.
چيرڻ ڦاڙڻ ٽڪر ٽڪر ڪرڻ، وڍي ڦاڙي ڇڏڻ.
چيرو ذ. رنگدار پٽڪو، ڪپڙي جو هڪ قسم.
چيرولي ث. هڪ قسم جو پٿر.
چيرَه ص (ف) سگهارو، زوراور، سورهيه. (ذ) حصو- ڀاڱو.
چيرَه دَستي ث. زبردستي- زورظلم، ڌاڙ.
چيري ميري ث. فضول خرچ، خرچي پاڻي (رشوت طور).
چيڙ ث. چيڙائڻ لاءِ چرچي طور رکيل نالو يا لقب.
چيڙ ث. رت پيئندڙ جيت (چچڙ وغيره).
چيڙاڪُ ص. يڪدم ڪاوڙجندڙ، زود رنج، ڏانديءَ تپلو، تُند مزاج.
چيڙائڻُ م. ڪاوڙائڻ- چڙ ڏيارڻ، ناراض ڪرڻ.
چيڙهه ذ. ڳهاڻ- ليسُ (جيڪو ڪوئر وغيره ۾ ٿئي). اُڪ جو پيشاب.
چيڙهالو، چيڙهو ص. چيڙهه وارو- لِڳ لِڳ دار.

ڇهتندڙ. ڪمر جو اورچ.
چيزَ: ث (ف) شيءِ- ٿ.ڪ. جنس. سُوکڙي.
چيستانُ: ذ (ف) پروني. مُعمو. منجهيل معاملو.
چيف: ص (انگ) وڏو- اعليٰ. اڳواڻ.
چيڪُ: ذ. (انگ) بئنڪ مان نقد رقم وٺڻ جو اجازت نامو. رنگين ليڪن وارو ڪپڙو.
چيڪاٽُ، چيڪٽُ: ذ. چيچاٽُ.
چيڪِلو: ذ. ڦيٿو. باراتي ڦرندڙ پينگهه. پانديءَ پکيءَ جو هڪ قسم.
چيڪِلي: ث. چوڪرين جي باراتي راند (ٻه چوڪريون آمهون سامهون هڪ ٻئي جا هٿ جهلي ڦيري پائين ۽ ٻول چون).
چيڪو: ص. نرم (مٽيءَ جهڙو).
چيڪي مٽي: ث. لسي ۽ پوري مٽي (پاڻي پوڻ سان ترڪڻي ٿئي).
چيلُ: ذ. هڪ قسم جو جابلو وڻ.
چيلاٽو: ذ. جابلو ڏيئيو.
چيلو: ذ. شاگرد. مريد. پوئلڳ.
چيلو: ذ. ڦيٿو. بيل گاڏيءَ جي ڦيٿن جو ٺهيل پيچرو. چوپڙ يا چلهر راند جو خانو.

چيلهه: ث. بدن جو هڪ حصو- ڪمر.
چيلهه ڀڄڻ: شڪست ڏيڻ. هيٺو ڪرڻ.
چيلهڪي: ث. چيلهه ۾ ٻڌڻ جو هڪ ڳهه (چانديءَ يا سونَ جو پٽو).
چَين: ذ. آرام. عافيت. سک.
چين: ث (ف) گهنج- وَرُ (مُنهن ۾).
چين بجبين: ذ. نراڙ ۾ گهنج (ڪاوڙ يا پشيماني مان).
چين چين: ث. پکين جو آواز. سَنهون آواز.
چينگهارُڻُ: م. چُونگارڻ. آواز ڪرڻ.
چينو: ذ. چينيءَ جهڙو اڇو رنگ. گهوڙي يا گڏهه جو هڪ قسم (اڇي ۽ ميرانجهڙي رنگ جو).
چيني: ث. چينيءَ جي اڇي مٽيءَ مان ٺهيل ٺانءُ.
چيڻو: ذ. اناج جو هڪ قسم. هڪ ناچ جا ٻولَ.
چَيو: ذ. چوڻُ. قول. امُر- حڪم. گفتو.
چيو چايو: ذ. ڏوهه گناهه.
چيوٽ: ث. ڪپڙي جي سنهي پَٽي- ريڙَ.
چيهه: ث. سيرَ- ود- زخم. سنڌي ڪڏ- چري. پيڙهه جي ڪڏ.
چيهو: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم. گاهه جو هڪ قسم.
چيڻ، چيهه: ث. چڪيا. ڌاڳهه. آڙاهه- مَڇُ.

ڄ

ڄ: ث. سنڌي "الف- بي" جو سورهون اکر. اُچار "ڄي".
ڄا: ض. ڪُجاڙو- ڪوهه. ڪهڙو. ڪيترو.
ڄابَ: ث. آڏ وغيره جي وهڪري ڪي يا ڪناري جي ڪاڏ کي روڪڻ لاءِ ڪکن ڪانن ۽ ڪاڻين جي روڪ. دبکي- پڻدي.
ڄاتي: ث. انسان جي بدن جو اڳ وارو پيٽ کان ڪنڍ مٿيون حصو- سينو- اُرهه. حوصلو- همت.

ڇاتي نوڪڻ: خاطري ڏيارڻ. هامر هڻڻ. ذميداري کڻڻ.

ڇاتي ڪُٽڻ: ماتم ڪرڻ. پشيماني ۽ افسوس جو اظهار ڪرڻ. هاءِ گهوڙا ڪرڻ.

ڇاتي ڪڍي هلڻ: آڪڙ سان هلڻ. بيپرواهي سان هلڻ.

ڇاٽَ: ث. هوا جي زور سان وسندڙ سنهي بُوَند. ڇٽڪارَ.

ڇاٽارَ: ث. ڇٽڪار. برسات جو سنهون وسڪارو- ڀُوندَ ڀُوندَ.

ڇاٽارَڻُ: م. ڇٽڪار ڪرڻ. ڇٽڻ (ٻج).

ڇاپَ: ث. سچائپ جو خاص نشان. مُهر- ٺپو.

ڇاپاڪو. ڇَپاڪو: ذ. چمڙيءَ جي هڪ بيماري- سِيتانگ. پکيءَ جو هڪ قسم (عموما رات جو اُڏامي).

ڇاپخانو: ذ. ڇاپڻ جي مشين- پريس.

ڇاپرو: ذ. گهر جي در واري پاسي کان لاڳو وراندي طور پکن ٺوڦن جي ڪچي اڏاوت. ڇَپَرُ.

ڇاپرُو: ص. ڇپر جو- ڇابلو.

ڇاپرُو بيرَ: ذ. جبل ۾ ٿيندڙ ننڍڙا ڳاڙها بيرَ.

ڇاپَڻُ. ڇاپڻُ: م. ڇاپي ۾ آڻڻ- شايع ڪرڻ (ڪتاب، اخبار وغيره). ڪپڙي تي پورَ سان ڇِٽَ ڪڍڻ.

ڇاپو: ذ. طباعت- ڇپائي. اشاعت. ڪپڙي ڇُرڻ جو ٺپو- پورُ ڇِٽُ. سچائپ جو خاص نشان. اوچتو حملو.

ڇاپو هڻڻ: اوچتي چڙهائي ڪرڻ (دشمن يا مجرم تي). رات جو بيخبريءَ ۾ حملو ڪرڻ.

ڇاڇو: ذ. ڇت جو وڌايل حصو. ڇَپَرُ.

ڇاڄَ: ث. لسي- ڏُڌ.

ڇاڇرَ: ث. تانگهو پاڻي. تانگهي پاڻيءَ جي ڇَرَ.

ڇاڇولَ: ث. پاڻيءَ ۾ اُٿل پٿل. جهوڳَ- لَٻَ.

ڇاڇولڻُ: م. پاڻيءَ ۾ اُٿلائڻ پٿلائڻ (ڌوئڻ يا آگهارڻ لاءِ). اگهارڻ (ٿانءَ، ڪپڙو).

ڇاڏوهَڙِ: ص. بي لڄي- بدچال (عورت).

ڇارِ: ث. مِٽي- خاڪ. رکِ- ٿلهيار.

ڇارِاوگِرائِي: ث. بدهضمي واري تيزابي اوگرائي (جيڪا ڪنِّي ۽ بدبودار ٿئي).

ڇارُ: ذ. ڪڪڙ جي آري ڪرڻ واري جاءِ ۽ آرو.

ڇارُ ڪرڻ: ڪڪڙ جو آنن ڪِنِ ٿيڻ يا آنا نہ هجڻ جي حالت ۾ بہ آري تي ويهڻ.

ڇارِي: ث. رک- ٿلهيار. خاڪ- مٽي.

ڇاڙَ. ڇاڙهہ: ث. فوتيءَ جي مٿان وڌل ڪپڙو (پوتي، اجرڪ) يا ان جي بدران ڏنل رقم. ويل ٽُڙَ جي پاسن کان نڪتل چوڏائون ٽڪر- ڇاڙهو. درياء يا سمنڊ مان ڦاٽي نڪتل وهڪرو- ڦاٽ. سمنڊ جي ڪاري.

ڇاڙِتو: ص. ٻئي جي پاران نگراني ڪندڙ يا ڳالهائيندڙ. عيوضي. دلال.

ڇاڙَپَ: ث. سنهون ۽ ڊگهو لڪڻ- ڇَهو. ڪمان مان گز جو پاسيرو ڌڪ. طعنو.

ڇاڙِڪِي: ث. ڇٽن آگرين جو ماپو.

ڇاڪَ: ث. مستي- مدهوشي. زور- طاقت.

ڇاڪاڻِ: ض. ڇالاءِ- ڇو. ڪنهن لاءِ.

ڇاڳَرَ. ڇاڳِلَ: ث. ٻڪريءَ جي ڳَل مان ٺهيل سانداري (جيڪا سفر ۾ پاڻي کڻڻ، يا سيٺاهہَ طور ڪم اچي)- ڳَلي.

ڇاڳو: ص. اهو ماڻهو جنهن جي هٿن يا پيرن ۾ ڇهہ ڇهہ آڱريون هجن.

ڇالُ: ذ. ٽَپ.

ڇالِٺو: ذ. ڇالو.

ڇالو: ذ. ڇِلٺو- ڦُلٺو. لِڦَ.

ڇالي؛ ث. اکين جي هڪ بيماري (جنهن ۾ ڇپر جو اندريون پاسو سُڄي پوي). ڳچيءَ جي هڪ بيماري- مَلِي.

ڇامَڪ؛ ث. ڇَمڪ.

ڇانبَ؛ ث. سنهون لڪڻ. سنهي ڪاٺي، ڇِينيو. ڍِنگهري.

ڇانبو؛ ذ. سُڪل ٽاري. ڍِنگهر.

ڇانٽَ؛ ث. ڇانگ- وَڍَ، ڪاٽ ڪُوٽ. تخفيف. ڇُوند.

ڇانٽڻُ؛ م. ڇانگڻ (وڻ). ڇوندي ٽار ڪرڻ. ڇُوندڻ. مختصر ڪرڻ. وڍي ڪتري گهٽ ڪرڻ.

ڇانڊَ؛ ث. اکين جو اشارو. اشارو.

ڇاندو؛ ذ. حصو- ڀاڱو. خيرات جو ڀاڱو. ڦاندي.

ڇاندو پاڻي؛ ذ. ٿورو ڪاڏو (نيرن وانگر). معمولي خرچ پکو. خرچي. رشوت طور ڪجهه رقم.

ڇانڊَ؛ ث. ڪَتر. ڇانگ (وڻ جي). ڇانٽَ.

ڇانڊڻ؛ م. ڇانٽڻ.

ڇانڊو؛ ص. ڦُرت- ڇُست.

ڇانڊِي؛ ث. ڇانگ. تخفيف. هلڪائي. لاهياري ڪي سنگن جي صورت ۾ مليل اجورو- لاٿي.

ڇانگَ؛ ث. وڻن جي ٽارين جي وَڍَ. ٽاري. ڪاٽڪُوٽَ. ٻڪرين يا رڍن جو ولر.

ڇانگُ؛ ذ. ٽَپُ- ٻُل.

ڇانگرا؛ ذ. ماڻا- انگل. نخرا.

ڇانگرا ڪرڻ؛ نخرا ڪرڻ. نٽ نٽاءُ ڪرڻ. بهانا ڪرڻ.

ڇانگڻُ. ڇانگِڻُ؛ م. وڻ جون ٽاريون وڍڻ. ڪٽ ڪوٽ ڪرڻ. وڍي ٽُڪي گهٽ ڪرڻ.

ڇانوَ. ڇانءِ؛ ث. اُس ۾ بيٺل ڪنهن جسم (جاءِ، پٽ، ڇپر، وڻ وغيره) جو پاڇو- سايو. اَجهو پناهه.

ڇانوِلو؛ ذ. ٿوري ڇانوَ. معمولي اجهو.

ڇانوان؛ ذ. رت جي ڪمي سبب مُنهن تي ڪارا ڏڀَ.

ڇانوِڻي؛ ث. سپاهه جي رهڻ جو هنڌ- لشڪر گاهه.

ڇانهون؛ ذ. ڇانهين- هنڌائو.

ڇانئِڻُ؛ م. ڇانوَ ڪرڻ- سايو ڪرڻ. ڇانئجي وڃڻ. غلبو حاصل ڪرڻ. اثرانداز ٿيڻ.

ڇانئِي؛ ث. ڇانوان.

ڇاڻِ؛ ث. ساموندي ڪاري- ڇاڙِ.

ڇاڻُ؛ ذ. ڇاڻڻ بعد بچيل ذرا. ڇڻيل اٽي مان نڪتل ٻوسو. ڪڻڪ جا ذرا (جي ڇڄڻ وقت اُڏامي پري پون).

ڇاڻڻُ. ڇاڻِڻُ؛ م. ڇَروڻ يا ڪپڙي مان ڇاڻي صاف ڪرڻ. ڇاڻي صاف ڪرڻ (اناج وغيره). ڏُونڻ (وڻ). ڪوهڻُ (ڪنب). ٿوڻِ سان ڪيرائڻ (ميوو).

ڇاڻڻ ٻُهارڻ؛ رلڻ پنڻ. مسڪيني حال ۾ اچي پيٽ قوت لاءِ دربدر ٿيڻ.

ڇاڻو؛ ذ. وڻن مان پن ڇڻڻ جي حالت. مادي جانور کي لڳ جي خواهش.

ڇاڻِي؛ ث. ڇاڻڻ جو ٿانءُ- ڇَرڻ. اناج وغيره ڇاڻڻ لاءِ وڏو ڇَرڻ.

ڇاڻِي؛ ث. رک- ڪيري. ڦلهار- ڇار. خاڪ- ڌوڙ.

ڇاڻِي پائڻ؛ ڌوڙ پائڻ (مٿي ۽ مُنهن ۾). خراب ڪم ڪرڻ.

ڇاپا؛ ث (ف. سايہ) ڇانءَ- سايو. پاڇو.

ڇَپَ؛ ث (هندي) سونهن. سينگار.

ڇَپ ڇَپو؛ ث. پاڻيءَ ۾ هلڻ يا ٽاڦوڙا هڻڻ جو آواز.

ڇَپَرَ؛ ث. گاهه جو هڪ قسم.

ڇَپِرانو؛ ص. ڇپر وارو (ميدان، پَٽ). گهڻي ڇپر واري ايراضي.

چَڀڪو: ذ. پاڻيءَ ۾ ڪرڻ يا هلڻ جو آواز.
چَڀلو: ص. کلاسو- ويڪرو (پهراڻ، جُتي).
چَڀو: ذ. ڪجيءَ جي ڦرهن مان نهيل ٺوڪرو.
چَڀي: ث. ننڍو چڀو. ڏڀڪي- پنڊي.
چڀي: ث. اوچتي چڪَ- سٽَ (لغام، رسي کي).
چڀي اچڻ: چڪَ اچڻ. احساس ٿيڻ.
چَپيلو: ص. سهڻو. هارسينگار ڪيل. البيلو.
چَتِ: ث. ڊگهي ڪاٺيءَ ۾ لڳل ڪُنڍيءَ وارو سُوئو (ميڇيءَ جي شڪار لاءِ).
چِتِ، چَتِ: ث. جاءِ يا گهر جو ڍَڪُ- ڪَڏ.
چَتا: ذ. زالن يا ٻارن جي مٽي جا ننڍڙا ۽ اُيا وارَ- جُنڊيا.
چِتائي: ث. ڪُتي يا ماڻهوءَ جي هڪ بيماري. چريائي.
چِتَرُ: ذ. ٽڏي جو چِنل ٽُڪر. ٽڏو- پڙچ. پُراڻي جُتي.
چِترائي: ث. ڪيچل- حرڪت (ٻارن جي).
چِترو: ص. حرڪتي- شرير (ٻار). ويڙهاڪ. (ث. چِتري).
چِتري: ث. ٽڏي جو چنل ٽڪر. چنل ٽڏو.
چَتِڙا: ذ. ننڍڙا وارَ- جُنڊڙا.
چَتِڙَن جي ياري: ث. ننڍپڻ جي دوستي.
چِتڪُائي: ث. چِتي ڪُتي واري حالت. ڏڙهيون ۽ جهٽَ. ٻَٽ ڪوهه- آنڊ مانڊ. ڪم جي گهٽائي سبب بيزاري. هڻ وٺ- تڙتڪڙ.
چِتو: ص. 'چِتائِي' جي بيماري ۾ ورتل (ماڻهو، ڪُتو). چڪ هڻندڙ (جانور). مسَت- هڙڪيو. (ث. چِتي).
چِتو ٿيڻ: چِتي ڪتي وانگر چڪ هڻڻ. چريو ٿيڻ. ڪاوڙجڻ.
چَٽَ: ث. پاڻيءَ جو ڇنڊو- ڇٽڪار. مِينهَن جي بُوند. ٻنيءَ ۾ دائو دائو ڪري ٻج ڇٽڻ جي حالت. ٻانس- ڌپ- بدبُوءِ.
چَٽَ ڪاهَ: ث. پوک جو هڪ نمونو (ٻج ڇٽي مٿان هر ڏيڻ).
چَٽُ: ذ (سن. چِتَر) بادشاهن يا درويشن جي مٿان سايہ لاءِ وڏي ڇَٽِي. تاجُ- ڪلنگي. موڙُ (پکيءَ جو). هُرلي يا نار جو مٿيون ڇڪر. وڻ جون زمين ۾ ڇٽني طرفن پکڙيل پاڙون. مانارو (ڏنيو جو). ڇهن سالن جي عمر وارو اُٺ.
چَٽُ جُهلڻ: سِرَ تي تاج ڍڪجڻ. ذميداري مٿان پوڻ.
چَٽانگُ: ذ. پنجن تولن جو وزن- آنو.
چُٽائِڻُ: م. ڇڏائڻ- آزاد ڪرائڻ. علاج سان چاق ڪرڻ.
چِٽڙو: ص. ڀٽڙو- ڇدڙو. (ث. چِٽڙي).
چِٽڪارَ: ث. ڇٽڪارَ. هَلڪو مِينهُن.
چِٽڪارَڻُ: م. چِٽَڻُ- ٻُرڪڻ. ڇٽڪارڻ.
چُٽڪَڻُ: م. ڪُلڻ (ڳالهين ۾). پوڻ (روئڻ ۾). شروع ٿيڻ (پنڌ ۾).
چَٽَڻُ، چَٽِڻُ: چَٽَ ڪرڻ (ٻج. دائو دائو ڪري اُڇلڻ). ڇٽڪار ڪرڻ.
چُٽَڻُ: م. ڇُڙڻ- ڪلڻ (بندش مان). آزاد ٿيڻ (قيد، الزام مان). آجو ٿيڻ (ڪم، ذميداري مان). شفاياب ٿيڻ (مرض مان). هلڻ (ريل گاڏي)- رواني ٿيڻ. شروع ٿيڻ (ڳالهين، پنڌ ۾). هلڻ (بندوق). ڇُڙڻ.
چُٽِي وڃڻ: آزاد ٿيڻ (سزا يا ڏوهه مان). بند خلاص ٿيڻ. جند ڇٽڻ (ڪم يا ذميداري مان).
چَٽو: ذ. مانارو (ماڪي، ڏينين جو). واءَ جو سخت جُهوٽو. تکو واه. ڇلڙُ (مڇيءَ جو). بيٺل پاڻيءَ تي سينوَر جو تهہ.

چِٽو: ص. پَٽرو. ڇڊو. جدا- الگ. (ث. چِٽي).

چِٽِي: ث. اُسَ يا مينهَن کان بچاءَ لاءِ ڪپڙي، ڪاٺ وغيره مان ٺهيل ڍَڪُ. ڪير جي مٿان سٽ جو ٺهرُ- ملائي. چوٽي (پکيءَ جي).

چُٽِي: ث. موڪل. واندڪائي- فرصت. اجازت.

ڇَٽِيهہ: ص. ڳاڻيٽي جو هڪ عدد (٣٦).

ڇَٽيهہ لکڻو: ص. ڇٽيهن لڇڻن وارو. گهڻين خوبين وارو- ڀَهڳُڻ. سلڇڻو. سياڳو- سدورو.

ڇَٽُ: ث (سن. شَشٺ) ڇهہ (ڏينهن، مهينا). چنڊ جي ڇهين تاريخ.

ڇَٽِ ڇَماهي: ظ. ڪڏهن ڪڏهن- بعضي- ورلي.

ڇَٽِي: ث. ٻار ڄمڻ جي ڇهين رات هڪ رسم (جنهن ۾ سوَ ساٽ ڪن ۽ ٻار جو نالو پڻ رکن).

ڇَٽِيءَ جو ڇورو: محاورو. ڇاٽي ڄم کان يتيم. ننڍپڻ کان ڏکن سُورن ۾.

ڇَپُ: ذ. لِڪي ماٺ ڪري ويهڻ جي حالت- ڇُڪَ. شڪار ڪرڻ وقت شڪاريءَ جي لِڪَ ۽ ماٺ.

ڇَپُ مارڻ: ڇُڪَ هڻڻ. ماٺ ڪري لڪي ويهڻ.

ڇِپَ: ث. جبل جو وڏو پٿر. ڳرو بارُ.

ڇِپَ پوڻ: ڳرو بار پوڻ. مصيبت نازل ٿيڻ.

ڇَپاڪو: ذ. ڇاپاڪو.

ڇَپائڻُ: م. طبع ڪرائڻ- شايع ڪرائڻ.

ڇَپائي: ث. ڇاپو- طباعت.

ڇِپائڻُ، ڇُپائڻ: م. لڪائڻ- ڳجهو رکڻ. ڍَڪڻ.

ڇپجڻُ: م. طبع ٿيڻ پڌرو ٿيڻ- شايع ٿيڻ.

ڇَپَرُ: ذ. سَرن، ڪِپَ وغيره گاهہ جي ٺهيل سان خاص قسم جو مَنهُن. مَنهن- ڇَنو. ڍَڪُ- ڇانءَ. اک جو مٿيون پردو. جبل- ڏونگر. ڪوهستان.

ڇَپر ٻڌڻ: ڇَپر ٺاهڻ.

ڇَپر ڪرڻ: گم ڪرڻ- لڪائڻ.

ڇَپَرُ کڻڻ: ڇپر وارو ڳرو منهن کڻڻ. ڳرو بار کڻڻ. وڏي ذميداري جو قبول ڪرڻ.

ڇَپَر کَٽَ: ث. هڪ قسم جي وڏي اوچي کٽ (جنهن جي مٿان مَهاري وجهڻ لاءِ ڇت ٺهيل هجي).

ڇَپرو: ذ. ٿوڻين ٿنين سان ٺهيل ڇت. پڙڇ وغيره سان اڏيل ڇت- ڍَڪُ.

ڇَپَنو: ذ. ڇَپَن (ڇاونجاهه) وارو. سنڌ ۾ سنبت ١٩٥٦ ۾ پيل ڏڪار.

ڇَپِڻُ: م. ڇاپڻ- طبع ڪرڻ. لِڪڻ- ڇُڪَ هڻڻ.

ڇِپِڻُ: م. لِڪڻ. ڪنهن پليت شيءِ سان لڳي ناپاڪ ٿيڻ.

ڇَڇُ: ذ. آن چنڊڻ ۽ واٽڙڻ لاءِ ڪانن مان ٺهيل سُپُ.

ڇڇڻُ: م. ٿُڪڻ (ڏاڳو، نوڙي وغيره). تار ٿيڻ- جدا ٿيڻ. لهڻ (پاڻي). ٽڪجڻ (پورهيي يا پنڌ ۾).

ڇَڇَهري: ث. دروازي يا دريءَ جي مٿان ننڍڙي ڇت (اُس ۽ مينهن کان بچاءَ لاءِ). ماڙيءَ جي دري اڳيان وڌايل ڇت- گٺلري.

ڇَڇُ: ذ. هيٺاهين زمين ۾ بيٺل پاڻي- ٽانگهي ڍند. درياءَ ۾ ٽانگهي ڍند.

ڇِڇُ: ص. بيوقوف. ٻُوڪ. ڇريو.

ڇِڇائڻُ: م. ڪراهت آڻڻ (ڪاڏي ۾).

ڇَڇَرُ: ص. ٿيڻو (جسم). وڏو ۽ لڙڪيل (پيٽ).

ڇيڇڙُ: ذ. گوشت جو لڳلڳڙو حصو- لِبو- ڇيڇڙو.

ڇُڇڪارَ: ث. ڇوپائي مال کي پاڻي پيئڻ تي آماده ڪرڻ لاءِ خاص آواز.

ڇَڇڪو: ذ. پاڻي ڇُلڪڻ جو آواز- ڇاڇولَ. زوردار وسڪاري جو آواز. لاڳيتي ڇولين جو آواز.

ڇَڇُوندرُ: ذ. هڪ قسم جو بدبودار ڪوئو.

ڇڇي؛ ث. ڪِڪي (ميچي). بدبوءِ (ميچيءَ جي). ٻار جو ڪاڪوس يا پيشاب.

ڇڏائڻ؛ م. آزاد ڪرائڻ (بند مان). آجو ڪرائڻ. جُدا ڪرائڻ (ڳنڍيل کي). الڳ ڪرڻ.

ڇڏ ڇوٽ؛ ث. قيمت ۾ ڪجهه ڪمي. رعايت.

ڇڏڻ، ڇڏِڻ؛ م. آزاد ڪرڻ- رِهائي ڏيڻ (بند مان). آجو ڪرڻ. ترڪ ڪرڻ (عادت). درگذر ڪرڻ. معاف ڪرڻ. ڇوٽ (مُلهه ۾)- رعايت ڪرڻ. استعيفي يا طلاق ڏيڻ. تياڳڻ (مُلڪ).

ڇداڻي؛ ث. پاڻيءَ جهڙي پتڙاڻ. پريرائي- ڏوري.

ڇدو؛ ص. پتِرو (پاڻيءَ جهڙو). جدا- الڳ. پري- وٿيرڪو. (ث. ڇدي).

ڇدو پادو؛ ص. ٿوري انداز ۾- ايڪڙ ٻيڪڙ. پري پري. ڪٿي ڪٿي.

ڇَرَ؛ ث. پاڻيءَ جي چاڙهه واري سنوت. ليٽَ- اُٿلِ. هيٺاهين زمين وارو تانگهو پاڻي. (ظ) تيز- تکو (پڇڻ ۾)- لَس.

ڇُرَ؛ ث. 'پورَ' سان ڪپڙي تي ڇاپي هڻڻ جو عمل. ڪپڙي تي ڇُريل ڇِٽَ.

ڇُراڙِي؛ ث. ڪـليـل رقم- ريزگاري- ريجو. (ص) ڪُليل- ڇُٽل (پئسا).

ڇُرائِڻ؛ م. ڪپڙي تي 'پورَ' سان ڇِٽَ ڪڍائڻ.

ڇُرڙ؛ ص. ڇوٽڪو- ريزڪي (ڪم). رولُو- بيواهو.

ڇرڪَ؛ ث. هوا جو ٿورو جهُوٽو

ڇرڪُ؛ ذ. اوچتو ڊپ "ڌاهه. هراس. اوچتو خيال."

ڇرڪُ پوڻ؛ اوچتي ڊپ سبب گهٻراهٽ ٿيڻ. خوف کان جانورن يا پکين ۾ ڌاهه پوڻ.

ڇرڪائِڻ؛ م. اوچتو ڊپ وجهڻ- ڌاهڻ.

ڇرڪَڻ؛ م. اوچتي ڊپ جي احـــساس کان ڏکي وجڻ- ڇرڪ پوڻ. ڊپ مان ڌاهه کائڻ.

ڇُرَڻ؛ م. ڪپڙي تي 'پورُ' سان ڇِٽَ ڪڍڻ.

ڇُرو؛ ذ. وڏي ڪاتي- ڪاتُ.

ڇُرِي؛ ث. ڪاتي.

ڇَڙَ؛ ث. ڏکهي ڪائي (بانس وغيره جي، ڇپر اَڏڻ ۾ ڪم اچي). ڪڄيءَ جي ٽاري. سارين تان ٿُهه ۽ ڇُنو لهرائڻ جو عمل.

ڇَڙَڇَنڊَ؛ ث. اَنَ جي ڇڙائي ۽ صفائي. جانچ جونچ.

ڇَڙائِڻُ؛ ص. ڇانورن تان ٿُهَ ۽ ڇُنو لهرائڻ. اَنُ صاف ڪرائڻ.

ڇڙبَ، ڇڙبِي؛ ث. ڪاوڙ مان تنبيهه- دڙڪو. تڙي.

ڇڙبڻُ؛ م. ڪاوڙ مان تنبيهه ڪرڻ. تڙي چاڙهڻ. دڙڪو. دهمان ڪرڻ.

ڇُڙت؛ ص. آجو. چُست- ڦڙت.

ڇُڙت جواب؛ ذ. نهه ٺهه جواب- تڙي ڪڙي انڪار.

ڇُڙ ڇُڙگابا؛ محاورو. پنهنجي منهن- خودخيال. ڇڙوڇڙ.

ڇَڙَڇوتِ؛ ث. ڪم جي اُڪلاءَ ۾ چُستي. تيزي ۽ جلدائي.

ڇُڙڪَ؛ ث. پکين ڦاسائڻ لاءِ ڪوڙڪي وانگر دام.

ڇُڙڪُ؛ ص. ڪـڙو تـڙو- چُـست ۽ ڦُڙت. جلد باز. ڪُليل- ڇُٽل.

ڇُڙڪَڻُ؛ م. اُلڙڻ- اُکڙڻ (سَند). ٿڪ سبب عضوا نِستا ٿيڻ.

ڇُڙ مُوڙِي؛ ص. ڇڙوڇڙ- ٽڙيل پکڙيل. ڌار ڌار.

ڇَڙَڻُ، ڇَڙِڻُ؛ م. سارين تان ٿُهه ۽ ڇُنو لاهڻ.

ڇڙَڻُ؛ م. ميرجڻ. ڇڙڻ- ڪاوڙجڻ.

ڇُڙَڻُ؛ م. آزاد ٿيڻ (رسي وغيره جي ڳنڍ مان). ڪُلڻ (ڳنڍ، هڙ وغيره). ڇُٽڻ (بندوق). جاري ٿيڻ (پاڻيءَ

جو وهڪرو).

ڇڙٿي پاند: ظ. روءِ سوءِ- خود مختار.

ڇڙو: ص. هڪڙو. اڪيلو. وانڊو- ڪنوارو. فقط- رڳو. (ث. ڇڙي).

ڇڙو ڇانڊ: ص. هڪڙو اڪيلو (فرد). اڻ پرڻيل. ٻارن ٻچن کان سواءِ. (ث. ڇڙي ڇانڊ).

ڇڙو ڇڙمل: ص. اڻ پرڻيل. وانڊو. (ث. ڇڙي ڇڙمل).

ڇڙواڳ: ص. واڳ کان سواءِ (گهوڙو، وهٽ). پنهنجي روءِ سوءِ. ڪنهن به پابندي کان آزاد. ذميداريءَ کان آجو.

ڇڙواڳي: ث. پابندي کان آزادي. خودمختاري. بي راه رَوِي.

ڇڙ وڇڙ: ظ. ٽڙيل پکڙيل. ڦار ڦار.

ڇڙهه: ث. ڇڙ.

ڇڙهي: ث. جانور جي پوئين لت. ڇڙي. ڪجيءَ جي ٽاري.

ڇڙهيون هڻڻ: ڪرڙيون هڻڻ. غشيءَ ۾ ٽنگون ڪرڙڻ ۽ پير هڻڻ. تڪليف واريون ڪوششون ڪرڻ. اجايون ڪوششون ڪرڻ.

ڇڙي: ث. لڪُڻ. سنهون تلهڙ. ٽاري- لام. ڪجيءَ جي ٽاري. لت- ڇڙهي.

ڇڙيون هڻڻ: لتون هڻڻ. جند ڇڏائڻ لاءِ ڦٿڪڻ. هٿ پير هڻڻ. ڪوشش ڪرڻ.

ڇڙيو: ص. کُليو. آزاد. ڇوٽ (ريجو). وهندڙ (پاڻي).

ڇڙيو ڳالهائڻ: ڇوٽ ڳالهائڻ. گستاخيءَ سان ڳالهائڻ. اينگو ڳالهائڻ. ٻنان روڪ ٽوڪ جي ڳالهائڻ.

ڇسو: ص. بيوقوف- نادان. (ث. ڇسي).

ڇڪ: ث. وَسڻ- آبادي. ايراضي- جوءِ. ترُ- پسگردائي. ٽاس ۾ ڇهن دائن وارو پتو.

ڇڪَ: ث. ڪشش- ڇڪتاڻ. ٽانگهه- اُڪير. طالب- ضرورت. نيچ.

ڇڪَ ڇڪان: ث. ٽاڻو ٽاڻ. ڪشمڪش. ڇڪ گهيندا.

ڇڪائڻ: م. ٽاڻائڻ. گهرڻ (سڪ). گهلائڻ (ڪورٽ ۾). طلب ڪرڻ (حق). وٺڻ (پاڻي يا بجلي جو ڪنيڪشن).

ڇڪَ ٽاڻ: ث. ڇڪ ڇڪان- ڇڪ گهيندا. تقاضا- طلب. رڳڙو- معاملو. ڪشمڪش.

ڇڪَ پڳڻ: ذ. ٻاري راند جو ڇڪو (ڇهه دائا) ۽ پڳڻ (هڪ دائو). چوپڙ راند جي اها حالت جنهن ۾ ڇڪي جي داءَ سان هلي سگهي پر داءَ سان راند ختم ٿي وڃي. (راند جو) آخري داءُ. پڇاڙي (ڪم جي). پويان پساه (ڪنهن معاملي جا). پڇاڙيءَ وارو وقت.

ڇڪجڻ: م. ٽاڻجڻ- ڪشجڻ. اينگهجڻ. گهلجڻ (ڪورٽ ۾).

ڇڪڙو: ذ. بيل گاڏيءَ جو هڪ قسم (جنهن ڦيٿن سان، مٿان ۽ پاسن کان بند، سواريءَ لاءِ ڪم اچي). ريل جو ننڍو گاڏو. ڪاٺ پڳل ٽنل گاڏي. آڏين ڦڏين ڪاٺين مان ٺهيل بينچ.

ڇڪڻ: ص. موهت- عاشق. بي انتها چاهيندڙ.

ڇڪندو: ص. ڇهن ڪندن وارو.

ڇڪڻ، ڇڪڻ: م. ڇڪ ڏيڻ- زور سان پاڻ ڏانهن آڻڻ. ٽاڻڻ- ڪشڻ. گهلڻ. گهرڻ (سڪ). طلبڻ (حق). ديگهه ڏيڻ- اينگهائڻ. پيئڻ (بيڙي، چلم).

ڇڪو: ذ. ٻارو (جنهن ۾ ڇهه پاسا ٿين. چوپڙ وغيره راند لاءِ). ڪٿو (رمل جي فال ۾ ڪم اچي). ڇهن جو تعداد.

ڇڪو: ذ. نوڙين مان ٺهيل گول سينهوڙي (جيڪا ٽن يا

چڻن نوڙين ۾ لٽڪائي ٻڌجي، جڻن اُن ۾ رکيل کاڌي واري شيءِ تائين جانور پهچي نہ سگهي). نوڙين مان ٺهيل جاري وارو ٻوٽاڙو (اُن ڳاهڻ وقت ڏيگن جي ٻوٽ تي چاڙهجي).

چڪي تي رکڻ، ٺلهي وڏائي ڏيکارڻ- سيٺ ڪرڻ.

چَڪي، ث. تاس ۾ ڇهن داڻن وارو پتو.

چِڪي، ث. چِڪَ- تاڻ. سُٽَ- ڇِڪي. ڳري بار ڪڍڻ يا ٽپ ڏيڻ سان چيلهہ ۾ پيل سُور. ملهہ جو هڪ داءُ.

چِڪو، ذ. هڪ ٿي ٽاريءَ ۾ ميوي جو گهڻو تعداد. انگورن يا ٻاڪ جو مُڇو. ٽارين يا گلن جو جهُڳٽو. موڙ- ڇَٽُ.

چِڳيرُ، ص. جنهن جي پڳَ ۾ موڙ ٻڌل هجي (سردار يا اڳواڻ جي نشاني). سردار- اڳواڻ. پهلوان.

چَلَ، ث. ٺِڪَر جي ڪُنجي. مٽَ مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ ٺِپن جو ٺانءُ. لشڪر- سِپاهہ.

چَلُ، ذ. فريب- دوکو. مَڪر- ڍونگ. ڪَپَٽُ.

چِلَ، ث. چلڻ جو عمل. چِلڻ سان لٽل ڳلوُن. چوڙي (ٻيِر يا ڏاڙهون جي). ڪاٺيءَ جي سَنوَت ۽ سِڌائيءَ لاءِ رَندي سان وَڍَ.

چِلُ، ذ. ڳَلَ. چوڙو. ٿورو ذرو. هلڪو زيور (ڳَلَ جهڙو)- معمولي ڳهہ.

چِلُ پَٽُ، ذ. ڳهہ ڳٺو. سَنهي ٿُلهي شيءِ (وهانءَ لاءِ ضرورت جون شيون، جڻن تہ زيور ۽ ڪپڙو لٽو).

چُلَ، ث. هلڻي- پنڌ. جُنبش. ٽپ- اُچَلَ.

چُلون ڪرڻ، ٽپ ڏيڻ. اُچلون ڏيڻ. خوشيءَ مان ٽينگ ٽپا ڏيڻ.

چَلانگَ، ث. ڇالُ- ٽپ- ٻِڏَ.

چِلائِڻُ، م. رندي يا ڪهاڙي سان ڪاٺيءَ جا چوڙا لهرائي سڌو ڪرائڻ- ترائِڻ. ڳل لهرائڻ.

چِلائِڻُ، م. هلائڻ- پنڌ ڪرائڻ. رُلائڻ.

چِلٽو، ذ. چوڙي جو ذرو. چِلُر (مڇيءَ جو).

چِلُر، چِلِرُ، ذ. مڇيءَ جو ٻاهريون چِلٽو. ڳَل جو ذرو. مانيءَ جي ڳَلَ جو ذرو. هَلڪو ڳهہُ- چِلُ.

چُلڪائڻُ، م. ڇاڇولڻ- لوڏڻ (پريل ٺانءَ کي).

چُلڪَڻُ، م. ڪَنا تار پريل ٺانءَ مان لوڏي سان پاڻي هارجڻ- ڪِنارن تان اُٿلڻ (پاڻيٺ).

چُلڪو، ذ. پريل ٺانءَ کي لوڏو. چُلڪڻ جو آواز.

چِلنگي، ث. ٽن چئن ماڻهن جي ٽولي. ٿورن ماڻهن جو ٽولو.

چِلڻُ، م. ڳَل لاهڻ (ميوي، ٻڪر وغيره جي). ڪرڙي صاف ڪرڻ. چوڙا لاهڻ (ڪاٺ تان). چِلُرَ لاهڻ. ڳَلون لاهڻ (ٻج تان). ڪاٺيءَ کي رندي يا ڪهاڙي سان ترڻ. گهَڙڻ (قلم، پينسل). رهڙڻ (بدن).

چِلڻُ، م. چُلڪڻ (پريل ٺانءَ). ڪنارن تان اُٿلڻ (پاڻي). ڪُڇڻ- ڳالهائڻ. راز ظاهر ڪرڻ. هلڻ- پنڌ ۾ پوڻ. ٽولاڪا کائڻ.

چِلهو، ذ. ڦُلهو (گرمي يا گاٺ جي ڪري). سڙڻ ڪري چمڙيءَ تي ٿيل ڦوڦينڊو.

چَلو، ذ. آگر ۾ پاڻڻ جو هڪ ڳهہ. هڪ قسم جو لوڪ گيت. هڪ جاندار.

چَلو مُنڊي، ذ. ڳهہ ڳٺو- چِلُ پَٽُ.

چِلو، ذ (ف. چِلّہ) چِلو. وِيم يا ماتا جي حالت ۾ مريض جي ٻين ماڻهن سان ملڻ کان پرهيز. چِلو پچائڻ، چِلو ڪڍڻ. لاڳاپا لاهي هڪ هنڌ ويهي رهڻ. ڪم يا مقصد جي تڪميل لاءِ سخت محنت ڪرڻ.

چَلوَرُ، ص. جنهن جا وارَ چِلاوان هجن- گهنڊيدار وارن وارو. سهڻو.

چِلِي، ث. ڦيش مان ٺهيل ويڪري منهن واري

ٽوڪري- ڇَبي. مڇيءَ جو هڪ قسم.

چَمُ: ذ (ف. چَشم) اک.

چَماسِي، چَماهي: ث. ڇهہ مهينا- ششماهي.

چَمائِڻُ: م. اُجهائڻ- وِسائڻ. ناري (باهہ).

چَمِ چَمِ، چِمِ چِمِ: ث. گهنگهرن جو آواز. ڇيرَ جو آواز.

چَمَرُ: ذ. جُهــڙُ. اڇا ڪَڪَر (جي مِينهن نہ وساڻين)- اُبُون.

چَمَڪَ: ث. سنهي ٽاري. سَنهون لڪڻ- ڇَهو.

چمڪارُ، چمڪاٽُ: ذ. گهنگهرن جو ڇمڪو.

چمڪڻُ: م. وڄڻ (گهنگهرا، ڇير).

چَمڪڻو: ذ. هڪ قسم جو رانديڪو- جهنجهٽو.

چمڪِڙِي: ث. امـلـداس جي سـڪـل ڦـرِي (پسارڪو وکر).

چمڪو: ذ. واڄو (گهنگهرن جو). ڇيرَ جو آواز.

چَنو: ث. ڦُوٽين تي اڏيل ههڪائين ڇت (پاسن کان پَٽر وغيره نہ هجي)- ڇَپَرُ. وڏو ڇَنو. هيٺاهين زمين (جتي پاڻي سُڪڻ بعد گاهہ ٻُوٽا اُپڙن). سِم وغيره جي پاڻي بيٺل هيٺاهين زمين. ٽانگهي ڍنڍ ۽ وٽڪار واري جُوءِ.

چِنَ: ث. اک ڇنب- ڪِن- پَلڪ- لحظو.

چِنُ: ذ. ڀڳ ٽوٽُ. نقصان، هڪ بيماري (جنهن ۾ ٽَرو لهي پوي).

چِنالِ: ث. ڇڙواڳ ۽ بدچال عورت.

چِنائڻُ: م. ٽوڙائڻ (رسي، ڌاڳو). جدا ڪرائڻ. ختم ڪرائڻ (تعلقات).

چِنبَ: ث. اکين جي ٻُور پَٽ، پٽ کي ڀِهريون پيرو گاري جي لِڦ (ٻوءِ مٿان راڳي جو ٻيو سنو هٽ لڳي). ٽارين مان پَنن جي روڙَ.

چِنبُ، چِنبڻ: ذ. اک جو پلڪ. اک جي پلڪ جا وار- پنجهڙَ- پنبڻُ.

چِنَ پَٽَ: ث. چِنن پٽڻ جو عمل. اُبهرائي. بيقراري.

چَنچِرُ: ذ. هڪ ڏينهن جو نالو. زُحل گرهہ (جيڪو نحس سمجهيو وڃي ٿو).

چنچِري: ث. چنچر گرهہ جي نحوست. نياڳ.

چنچِري لاهڻ: سخت سزا ڏيڻي سڌارڻ، ڏاڍي مارَ ڏيڻي سڌو ڪرڻ.

چَندُ: ذ. پوتر منتر. ويدن جو منتر. علم عروض. بحر (عروض جو)، مڪر. ڍونگ. دَٽُ. ڦند. ڄار (شڪار لاءِ).

چَند باز: ص. فريبي- ڍونگي. دوکيباز.

چَند پکيڙڻ: مڪر ڪرڻ- ڍونگ ڪرڻ. ڄار پکيڙڻ.

چَند وديا: ث. هندي دوهن جي شاعري جا اصول.

چَندِڙ: ث. مٽيءَ هاڻي شيءِ کي هوا ۾ اُڇل سان صفا ڪرڻ جو عمل. صفائي. ڪپڙي سان صفائي. تنبيهہ. جَٽ. مينهن جي سنهي ٻوند. ڇٽڪار. اُلٽي- قي.

چندِ ڇاڻ: ث. چندِ ڦوڪ. صفائي. مسئلي يا معاملي بابت تڪ تور- تحقيق. ڪاٽ ڪُوٽ.

چَندِ ڦوڪ: ث. بهاري سُهاري. آرائش- ٺاهہ ٺوهہ.

چَندِ ڪڍڻ: جٽ ڦٽ ڪرڻ. تنبيهہ ڪرڻ. دڙڪو دهمان ڪرڻ.

چَندوڻ پوڻ: برسات جا وسڪارا ٿيڻ، هلڪو مينهن پوڻ. ڦڙيون وسڻ.

چَندجَڻُ: م. صفا ٿيڻ. گهٽجڻ. هلڪو ٿيڻ (بار).

چَندڪارَ: ث. برسات جي سنهي ٻُوند.

چَندڪو: ذ. چندڻ لاءِ ڏنل اُڇل.

چَندڪو ڏيڻ: مٽي وغيره صاف ڪرڻ لاءِ اُڇل ڏيڻ. ڇڄ ۾ وجهي اُڇل ڏيڻ (ان).

ڇَنڊَڻُ، ڇَنڊِڻُ: م. هوا ۾ اُڇل ڏيئي صاف ڪرڻ (ڪپڙو وغيره). ڪپڙو هڻي مٽي وغيره لاهڻ. صاف ڪرڻ. ڇڄ ۾ اُڇل ڏيئي مٽي ۽ ڪَکَا ڪڍڻ (اَنَ مان). ڇانگڻ (وڻ). ڪاٽ ڪوٽ ڪرڻ. گهٽ ڪرڻ (تولهه). جهڪو ڪرڻ (باهُ).

ڇنڊي ڇڏڻ: هلڪو ڪرڻ. جهڪو ڪرڻ. اُڇلي ڇڏڻ. صفا جواب ڏيڻ. بلڪل انڪار ڪرڻ.

ڇَنڊَڻِ: ث. وڌيل پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ واهه- وڏي واهه مان نڪتل نالي.

ڇَنڊڻي: ث. ڪاڻيءَ ۾ بدل ڪپڙي ٽُڪر (جنهن سان مٽي پيل شيءِ کي ڇنڊي صاف ڪجي).

ڇنڊو: ذ. ڦُڙو- بُوند. ٿوري برسات. پاڻيءَ جي لَپَ سان سَوَڻ طور هنيل ڇنڊا.

ڇنڊا وجهڻ: تهمت مڙهڻ- الزام ڏرڻ. ملوث ڪرڻ.

ڇَنڊو ڦيڻو: ذ. دعا ۽ دوا. حيلو وسيلو. جهاڙ جهپاڙ.

ڇَنڊو وجهڻ: پاڻي وجهي ٺارڻ. بيماريءَ مان اُٿڻ تي مٿي تي پاڻي وجهڻ (وهنجڻ). آٿت ڏيڻ. ڏک، نا اميدي ۽ ڪاوڙ جي حالت ۾ دلداري ڏيڻ. وسائڻ (باهه). ٺارڻ (جهيڙو).

ڇِنَ ڦاڙَ: ث. ڇِنڻ ۽ ڦاڙڻ جو عمل. پَٽ ڪوهه. بيقراري- آنڊ مانڊ.

ڇِنڪار، ڇِڻڪار: ث. زمين تي پاڻيءَ جي ڇِنڪارَ (مٽيءَ اُٿامڻ کان روڪَ ۽ ٺڏڪارَ لاءِ).

ڇِنَڻُ: م. ٽوڙڻ. جدا ڪرڻ. ڇڏڻ (تعلق). پٽڻ (گُل، ٺاري، ميوو وغيره). ڪوهڻ (وار)- ڪُونڊڻ. نبيرڻ (معاملو، تڪرار).

ڇنو: ذ. ڪکائين ڇت ۽ پکن ٽوڻن سان اڏيل ڇپر. مَنهن. ڪاج ۾ مهمانن لاءِ اڏيل ڇپر وغيره.

ڇِڻاٽ، ڇِڻڪاٽُ: ذ. سِڪَن يا ٽانون جو واڄو.

ڇَڻ ڇَڻ، ڇِڻ ڇِڻ: ث. گهنگهرن، ريٻن جو وغيره جو واڄو.

ڇِڻڪارَ: ث. ڇِنڪارَ.

ڇِڻڪَڻُ: م. ڇِنڪارَ ڪرڻ. ٻُرڪڻ (لوڻ، مصالحو وغيره). وڄڻ- ٻُرڻ (سِڪا، ٽانو).

ڇِڻڪَڻو: ذ. ڇمڪڻو.

ڇَڻَڻُ: م. ڇَڻي صاف ٿيڻ (پَرڻ يا ڪپڙي مان). ڇڄڻ (وڻ مان پَن، ميوو).

ڇو: ض. ڇا لاءِ- ڪهڙي سبب.

ڇَوَ: ث. ڪپڙي جو پوش (وهاڻي، سوڙ، پٿراڻي وغيره جو)- غلاف.

ڇُو: ث. ٺُوڪَ يا شُوڪاري جو آواز.

ڇُوا پاڻي: ص. پاڻيءَ جهڙو ڇڊو (ٻوڙ، ڳنڊڻ).

ڇوتِ، ڇُوتِ: ث. ناپاڪ شيءِ سان ڇُهاءُ- پليتي.

ڇوتِ ڇاتِ: ث. ذات پات جو فرق- ڀيد ڀاوَ.

ڇُوتو: ذ. ڪمند جو ڇوڀيل ڳَر- ڇُوڀو. ڇوڏو. ٿورو ذرو.

ڇُوٽِ: ث. قيمت ۾ ڪمي- رعايت (ملهه ۾). معافي. (ظ) تيز- تکو. آزاد- کُليو.

ڇُوٽِ ڇڏڻ: آزاد ڇڏڻ. ڇڙواڳ ڇڏڻ. تمام تيز هلڻ لاءِ بندش لاهڻ. رعايت ڏيڻ (قيمت ۾).

ڇوٽڪارو: ذ. رهائي- نِجات- موڪ.

ڇوٽڪو: ص. مختصر- ننڍو. کُليو (ريجو). ريزڪي واپار.

ڇوٽڪي: ث. مختصر- ٿوري.

ڇوٽڪي موڪل: ث. ريزڪي موڪل - اتفاقي رخصت (ملازمت دوران).

ڇوٽو: ص. ننڍو. گهٽ- مختصر. ٿورو. بندرو (قد

ھ). ث چوٽي)

چوڏو: ذ. وڻ جي ڳل. ڪاٺيءَ جي ڪل.

چوڏا لاهڻ: ڪلون لاهڻ. سيڪت ڏيڻ. عيب ظاهر ڪرڻ.

چوڏي: ث. پير جا چوڏا. وڻ جي ٿڙ ۽ ڪاٺين تان لٿل ڪلون. پير ۽ ٽاڙهون جا چوڏا (جيڪي رنگ ۽ دوا ٺاهڻ ۾ ڪم اچن).

چورو: ص. جنهن جا ماءُ پيءُ مري ويا هجن - يتيم. (ث. چوري)

چورو چنو: ص. يتيم. لاوارث - ننڍڙو. (ث. چوري چني)

چوڙُ: ذ. درياءَ جو سمنڊ ۾ پوڻ وارو هنڌ. نيڪال. (ص) چوڙيندڙ- ڪوليندڙ (مثلاً ڳنڍي چوڙ. روزي چوڙ وغيره).

چوڙائڻ: م. ڪولائڻ. ڇڏائڻ. آزاد ڪرائڻ.

چوڙڻُ، چوڙڻُ: م. ڪولڻ (ڳنڍ). پڌل کي ڇڏڻ. بند خلاص ڪرڻ. هڻڻ (بندوق). ختم ڪرڻ (روزو).

چوڙي ڏيڻ: ڳنڊ ڪولي ڏيڻ. بنا محنت جي اجورو ڏيڻ. مفت ۾ ڏيڻ.

چَوڙو، چَوڙو: ذ. جانور جي لٿل تازي يا سُڪل ڪل.

چَوڙي، چوڙي: ث. ڪل. چمڙي.

چَوڙي لاهڻ: ڪل لاهڻ. سخت سزا ڏيڻ. واپار ۾ چالاڪيءَ سان نقصان ڏيڻ.

چُوڪارڻُ، چُوڪارڻُ: م. ٿوڪ ڏيڻ. صلواة سڳوري يا ڪو ٽيٿو پڙهي دم ڪرڻ- شوڪارڻ.

چُوڪارو: ذ. صلواة يا ٽيٿي وغيره جو شوڪارو. دعا جو ڦوڪارو.

چوڪِرِ: ث. چوڪري- نينگر. ڏيءَ- نياڻي.

چوڪَرُ: ذ. چوڪرو - نينگر. پٽ.

چوڪراٽُ: ص. نوجوان- ڳڀرو- لاسڙاٽ.

چوڪِراڻو: ص. ننڍپڻ وارو- ٻاراڻو. ٻارن جهڙو (اڻپورو ڪم). بيوقوفي وارو (عمل. فيصلو).

چوڪِراڻي: ث. ٻارن جهڙي حرڪت. بيعقلي واري ڳالهه. ٻاراڻي.

چوڪراڻي ڪرڻ: ٻاراڻي ڪرڻ. بيوقوفي ڪرڻ. بنا سوچ ويچار جي ڪم ڪرڻ.

چوڪِرو: ذ. چوڪَرُ- نينگرُ. پُٽ. طفل- ٻچو. (ص) نابالغ. بي عقل.

چوڪري بازي: ث. لوندي بازي- لِواطت.

چوڪِري: ث. نينگري. ڌيءَ. ٻارڙي.

چولَ: ث. چولي- لهر. وڏي چولي. چولين جي اُٿل پٿل- ڇاڇول.

چولا: ذ. وڏا ڇٽا. رڌل ڇٽا.

چولڻُ، چولڻُ: م. چوليون ڪرڻ. چولين ۾ وجهڻ. پاڻيءَ ۾ وجهي هيٺ مٿي ڪرڻ- ڇاڇولڻ. ٿلڪائڻ. رولڻ. پَتوڙڻ.

چولِي: ث. لهر- موجَ.

چُومَنتَرُ: ذ. جادو يا منتر جو ڦُوڪارو.

چَونٽِي: ث. نڪ جي هڪ پاسي وارو سوراخ- ناسَ.

چُونچاٽُ: ذ. ٻاهه يا تتل شيءِ تي پاڻي پوڻ جو آواز.

چوهَ: ث. تيزي- تکَ.

چوهُ: ذ. تيزي- تِکَ (واءَ، پاڻي وغيره جي). تکڙ- جلدي. تيز هوا سان وسڪارو. جوش. ڪاوڙ- غصو.

چوهَ چنبڻ: ڪاوڙ جو اظهار ڪرڻ.

چُوهارو: ذ. سڪل کُجور- ڪارڪ.

چوهو، چُوهو: ص. تيز رفتار. تڪڙو- تکو. (ذ) هوا جي زوردار لهر. واءُ يا مينهن جو زوردار سٽڪو.

چِهَہَ: ص. ڇهن جو عدد (٦).

ڇَهہ ڏندو: ص. ڇهن ڏندن وارو (جانور، وهٽ). ڇهن سالن عمر جو (وهٽ).

ڇَهيہ ڏندين: ظ. ڇهن ڏندن وارو (جانور، وهٽ جيڪو جوان سمجهيو وڃي). جوان جمان، پنهنجي ڪمائي وارو. رُوءِ سُوءِ.

ڇَهَہ: ث. ڇُڪَ- ڇَبَ- ڏَٽُ.

ڇَهُ: ذ. جسم جي اندرين نازڪ ڳل (جنهن ۾ نَسُون ڊوڙن). پيٽ جي چمڙيءَ جو اندريون تهہ.

ڇَهَہ ڇڄڻ: حواس خطا ٿيڻ. جيابي جون اميدون ٽُٽڻ. همت هارجڻ.

ڇَهہ: ث. ڇَوَ (وهائي، پتراڻي وغيره جي).

ڇَهاسُ: ذ. ڇهن پاسن واري شڪل- ڇهہ ڪُنبو.

ڇُهائڻُ: م. لائڻ- لڳائڻ. ٿورو ڳسائڻ.

ڇَهَلُ: ذ. مڪر- ڍونگ. دغا- دولاب. ڪپٽ- ڇَلُ.

ڇَهل باز: ص. ٺڳ. مڪار- دغاباز.

ڇُهنڊَ: ث. چمڙيءَ تي ٿوري رهڙ- رُهنڊ.

ڇُهنڊو: ذ. ڦٽ ڦرڙيءَ جي ڪَڙي.

ڇُهَڻُ: م. هٿ لائڻ. لڳائڻ (آڱريون، هٿ وغيره).

ڇُهو: ذ. ڇُوهو.

ڇُهي: ث. ٿوري ذري (ڪنهن شيءِ، ڀاڄي وغيره جي).

ڇُٿو: ذ. ذرو- هَوَ.

ڇُٺا پائي ڪرڻ: ٿوري شيءِ ۾ گهڻو پاڻي ملائي پتڙو ڪرڻ (شوررو وغيره).

ڇيتِ: ث. ڪک جو سنهون ذرو (جيڪو بدن ۾ ڇُبي وَڃي). ڪانيءَ جو سنهون ذرو. ڏندن کوٽڻ لاءِ ڪانيءَ جو ذرو.

ڇيتِ ڪڍڻ: رشوت يا خرچيءَ طور ڪجهہ رقم ڇڏائڻ. چالاڪيءَ سان ڪجهہ رقم ڪڍڻ.

ڇيتيون ڇيتيون: ث. ذرا ذرا- ڇِپُون ڇپُون.

ڇيتَرُ: ذ. پاسيري (اُريب ۾). ڪتريل ڪپڙي مان ظاهر ٿيل ڪپڙي جون تندون.

ڇيٽَ: ث. هڪ قسم جو ڇُپيل زنانو ڪپڙو. رنگدار گُلن ٻوٽن وارو ڪپڙو.

ڇيڙي: ث. وِڇوڙي. وانڊڪائي- ساهي.

ڇيپُ: ذ. ڇوٽُ- پليتي.

ڇيڄُ: ذ. دهل جي وڄت جو هڪ نمونو (ناچ جو تال). جُهمر ناچ. تماشو. خوشي.

ڇيڄُ وجهڻ: جُهمِر هڻڻ. خوشيءَ وچان ٽينگ ٽپا ڏيڻ. خوشيون ڪرڻ.

ڇيڇاڙڻُ: م. ڏونداڙڻ. ڇيڇلائڻ.

ڇيڇڙو: ذ. گوشت تي چڙهيل وڪو. ڦاٿل اڳڙي.

ڇيڇلائڻُ: م. ڏندن ۾ جهلي ڏونداڙڻ (ڪُتي يا جانور وانگر).

ڇيدُ: ذ. سوراخ- ٽُنگ. ڇيرُ- شگاف. گرامر موجب جملي ۾ آيل لفظن جي تفريق. رياضي ۾ اڀوري انگ جا جملي ڪيل ڀاڱا.

ڇيڙڪُ: ذ. رنڊڪ. خلل. ڦڏو- رولو. چرپائيءَ وارو ٻور. ڪَڏَ- شوق.

ڇيڙڪُ وجهڻ: ٺهيل ڪم ۾ رولو وجهڻ. رنڊڪ وجهڻ.

ڇيرِ: ث. پيرن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهہ (جنهن ۾ ڇمڪيون ٿين). گهنگرن جي ڀَڳي (ناچو ٻڌن، يا چوپائي مال کي ڳچي يا ٽنگن ۾ ٻڌجي).

ڇيرو: ذ. اوزار تکي ڪرڻ لاءِ سِراڻ تي ڏنل گهَڪو. ڪارتوس ۾ ڀيل شيهي جو داڻو. ڪاتيءَ جو وَڍُ.

ڇيرو ڏيڻ: اوزار کي روهيءَ تي لائڻ. وَڍُ ڏيڻ. ڪاوڙائڻ لاءِ طعنو ڏيڻ يا چٽر ڪرڻ.

چيڙَ؛ ث. ڪم جي پوراٺي لاءِ بنان اجرت گڏ ڪيل ماڻهو- ونگارَ. گهڻن ماڻهن جو گڏجي اجتماعي ڪم ۾ حصو وٺڻ جو عمل. شڪار کي ورائيندڙ ماڻهن جو ٽولو. ٻَچ. چُرچ- ڪڙنس- هٽ چراند.

چيڙِچاڙِ؛ ث. هٽ گس. حرڪت- ڪڙنس.

چيڙَ ڪرائڻ؛ بيگار جو ڪم ڪرائڻ. گهڻن ماڻهن کان ٻَچ ڪرائڻ.

چيڙَڻُ، چيڙِڻُ؛ م. چُراند ڪرڻ- چُرچ ڪرڻ. هٽ ڪس ڪرڻ. چورڻ- ڪاوڙائڻ. ٻَچ ڪرڻ. ڀهرائڻ (چوپايو مال). وڄائڻ (ساز). شروع ڪرڻ (گفتگو، راڳ، ساز).

چيڙو؛ ذ. پڇاڙي- ڏَنگ. طرو (پکي جو). (ص) چيڙ ۾ وهندڙ- ونگاري.

چيڙو چڏائڻ؛ نبيرو ڪرڻ- آخرين فيصلو ڪرڻ. پلاند آجو ڪرڻ.

چيڙي نبيري؛ ث. معاملن مسئلن جو نبيرو. راجوڻي نيا. پاڃاري جا فيصلا.

چيڪُ؛ ظ. کُليل- آزاد. ڇڙواڳ (جانور، وهٽ).

چيڪ چَرڻ؛ چوپائي کي بنيءَ ۾ چرڻ لاءِ بنان رسي جي ڇڙواڳ ڇڏي ڏيڻ. هر قسم جي آزادي مليل هئڻ.

چيڪارَڻُ؛ م. چوپائي مال کي پاڻي پيڻ تي آماده ڪرڻ لاءِ 'چي چي' جو آواز ڪرڻ.

چيگرائي؛ ث. گدلائي. چلولائي. اڻ وڻندڙ انگل.

چيگرو؛ ص. گدلو- ميرو. چلولو. (ث. چيگري).

چيلِري؛ ص. چلـــرن واري (مڇي). ليٿي (مڇي) جو ضد.

چيلو؛ ذ. ٻڪريءَ جو ٻچو- ليلو. (ث. چيلي).

چيلو ٿي لڳڻ؛ پٺيان لڳو رهڻ. هرهنڌ گڏجي هلڻ.

چينبَ؛ ث. تنبيهہ- ڦهمايش. دڙڪي واري هدايت. جُٺ ٺِٺ.

چينبَڻُ؛ م. تنبيهہ ڪرڻ. دڙڪو داب ڪرڻ. ملامت ڪرڻ. جُٺ ڪرڻ.

چينهَرو؛ ذ. درياءَ جي پاڻيءَ جي لاٽ (جيڪا سرءَ جي موسم ۾ ٿئي).

چيڻُ؛ ذ. چيٽو. چيٽن جو ڍڳ.

چيٽو؛ ذ. چوپائي مال جو ٻوسو- گونرُ.

چيٽايورُ؛ ص. جهيڙو مچائيندڙ. لائي چائي ڪندڙ.

چيڻي؛ ث. هڪ قسم جو لوهي اوزار (لوهي ڇَڻِر جيڪا لوهہ وڍڻ يا ڪاٺين ٽوڙڻ ۾ ڪم اچي).

چيهہُ؛ ذ. پڇاڙي- پڄاڻي. آخري حد- ڏنگ. وَڏُ- ڇيڙُ.

چيهہ ڪرڻ؛ ڏنگ ڪرڻ. انتها تي پڄائڻ. حد کان زياده ڪوشش ڪرڻ. حيرت جهڙو ڪارنامو ڪرڻ.

چيهَلُ؛ ذ. هرڻُ. (ص) سهڻين اکين وارو. سُهڻو- حَسين.

چيهو؛ ذ. نقصان- ٽوٽو- گهاٽو.

چيهُون چيهُون؛ ث. ذرا ذرا- ٽُڪر ٽُڪر. پرزا پرزا. چيتيون چيتيون.

ح

ح؛ ث (ع) سنڌي 'الف- بي' جو سترهون ۽ عربي جو ڇهون اکر. اُچار "حَي". ابجد موجب عدد (٨).

حاتِمُ؛ ذ (ع) هڪ مشهور عرب سخي "حاتم طائي". (ص) تمام وڏو سخي.

حاجَ: ث (ع) گهرج- ضرورت- حاجت.

حاجِبُ: ص (ع) دربان. چوبدار.

حاجَتَ: ث (ع) گهرج- ضرورت. غرض. ڪم.

حاجَت روائي: ث. گهرج جي پورائي. مشڪل ڪشائي.

حاجَت ضروري: ث. ضروري حاج (ڪاڪوس جو خيال).

حاجَتمَند: ص. گهرُجائو- ضرورتمند.

حاجِي: ص (ع) جنهن جو حج ڪيل هجي. (ث. حاجاڻي، حاجياڻي).

حادِثُ: ذ (ع) نئين خلقيل شيءِ جا اڳ وجود ۾ نہ آئي هجي. مخلوق (يعني خلقيل: زمين، آسمان، انسان، حيوان وغيره). نئون. جديد.

حادِثو: ذ (ع) واقعو. اوچتي واردات. مصيبت.

حاذِقُ: ص (ع) هوشيار. ذهين. قابل طبيب.

حاسِدُ: ص (ع) حسد ڪندڙ- مَ سَهو. ٻئي جي نقصان ۾ خوش ٿيندڙ. بدخواه.

حاشاوَڪَلا: ظ (ع) هرگز نہ- ڪڏهن بہ نہ.

حاشو، حاشِيو: ذ (ع. حاشيہ) ڪنارو- وَٽِ. ڪتاب جي ورق جو چئني پاسن کان ڇڏيل خالي حصو (جنهن تي وضاحت لکجي). ڪتاب جي متن تي پاسي کان لکيل وضاحت. ڪپڙي جي پرت پريل ڪنار.

حاشيہ نشين: ذ. هروقت خدمت ۾ رهڻ وارو ملازم. گلم جي ڪناري سان ويهڻ وارو.

حاشِي: ث (ع) ڪاغذ يا ورق جو لکيت کان آجو ڪنارو.

حاصُلُ: ذ (ع. حاصِل). اُپت- پيداوار. بچت- بقايا. فائدو- لاڀ. (ص) حصي ۾ آيل- مليل.

حاصل ٿيڻ: هٿ اچڻ- مِلڻ. وصول ٿيڻ.

حاصل ڪلامُ: ظ. مطلب تہ. نيٺ- آخرڪار. ڳالهہ جو مقصد تہ.

حاصل مطلب: ظ. حاصل ڪلام.

حاصل مَصدر: ث. گرامر موجب 'مصدر' مان ٺهيل اسم (جئين کِلڻ مان کِلَ، لِکڻ مان ليکُ وغيره).

حاصلاتِ: ث (ع) حاصل. پيدائش (فصل جي). نفعو.

حاضُرُ: ص (ع. حاضِر) موجود- هَڪيو. اڳيان- سامهون. تيار.

حاضُر جواب: ص. ٺهہ پَهہ معقول جواب ڏيندڙ.

حاضُر ناظُر: ذ. هرهنڌ ڏسندڙ ۽ موجود (خدا تعاليٰ).

حاضِراتِ: ث (ع) سڏي حاضر ڪيل جنُ ڀُوت.

حاضُرِي، حاضِري: ث. موجودگي. شنوائي (ڪورٽ جي).

حاضري ڀرڻ: خدمت ۾ رهڻ. نوڪري ڏيڻ. رجسٽر ۾ حاضري لکڻ.

حاضِرِين: ذ ('حاضر' جو جمع) حاضر ماڻهو. مجلس يا محفل ۾ موجود ماڻهو.

حاطو: ذ (ع) ٿنڊي پٽ سان گهيريل اڱڻ يا ميدان.

حافِظُ: ذ (ع) خدا تعاليٰ جي صفاتي نالن مان هڪ نالو. جنهن کي قرآن شريف برزبان ياد هجي. (ص) انڌو- نابين.

حافظو: ذ (ع) ياد رکڻ جي قُوتَ- چيتو.

حافِظي: ث. شاگرد جي قرآن شريف پڙهي پوري ڪرڻ تي خاص جشن ڪرڻ جي هڪ رسم.

حاڪِمُ: ذ (ع) حڪم هلائيندڙ. حڪومت ڪندڙ- بادشاه.

حاڪِمِي: ث. حڪومت. صاحبي. بادشاهي.

حالُ: ذ (ع) هلندڙ وقت (جيڪو اجان نہ گذريو هجي). موجوده زمانو. حالت- ڪيفيت. احوال-

خبرچار، پڇندي- زور، وجد جي حالت- بيخودي.
(ظ) هينئر- هن وقت.
حالُ احوالُ؛ ذ. خبرچار.
حالَ پائي؛ ص. حال جو واقف. ڏک سک ۾ شريڪ- غمگسار، همراز، دوست.
حالَ تي هلڻ؛ وتُ آهر هلڻ، حيثيت مطابق هلڻ.
حالُ پوڻ؛ ذڪر يا سَماع وقت وجد ۾ اچڻ، بيخودي طاري ٿيڻ.
حالُ چالُ؛ ذ. هلت چلت، ريت نيت، زماني جو رخ.
حالَ ڏاڳا؛ ذ. حال واري فقير جي استعمال جا ٽپڙ (گودڙي، ڪشتو، لٺ، ڪنٺا ڪولابا وغيره).
حالَ وڃائڻُ؛ اعمالن ڪان نڪرڻ. خراب حالت کي پهچڻ.
حالي؛ ظ. وقتي- في الحال، تورِيءَ دير لاءِ.
حالي حَوالي ٿيڻ؛ خبرون چارون ڏيڻ وٺڻ (مهمان ڪان).
حالات؛ ذ ('حالت' جو جمع) حالتون، واقعا.
حالانڪِ؛ ظ. جڏهن تہ.
حالتَ؛ ث (ع) حالَ جي ڪيفيت، طبيعت، مزاج، رهڻي ڪهڻي، نمونو. گرامر موجب اسم يا ضمير جي ڦيرگهير.
حالتَ اضافتَ؛ ث. اسم يا ضمير جي اها بيهڪ جنهن ۾ "جو، جا، جي، جون وغيره" جي اچڻ سان جملو ٺهي.
حالتَ فاعِلي؛ ث. جملي ۾ فاعل ٿي ڪم ايندڙ اسم يا ضمير جي حالت.
حالت مَفعُولي؛ ث. جملي ۾ مفعول ٿي ڪم ايندڙ اسم يا ضمير جي حالت.
حالتَ نِداء؛ ث. اسم جي اها حالت جنهن ۾ عجب، خوشي، ارمان، خوف وغيره جو اظهار ٿئي.
حالتَ ڪرڻ؛ جٺ ڪرڻ- تعدي ڪرڻ.
حامِدُ؛ ص (ع) ساراهہ ڪندڙ. حضرت مُحمد صلي الله عليہ وسلم جن جو هڪ صفاتي نالو.
حامِلُ؛ ص (ع) سِي ويندڙ، بار ڪڻندڙ.
حامِله؛ ث (ع) پيٽ واري (عورت).
حامِي؛ ص (ع) بچائيندڙ، مددگار، حمايتي- پُٺيرائي ڪندڙ. (ث) اقرار، يقين جي ضمانت.
حامِي پرڻ؛ اقرار ڪرڻ، ذمو کڻڻ.
حاوِي؛ ص(ع) گهيرو ڪندڙ، غالب- اڳرو، ڪنهن فن تي مهارت رکندڙ.
حائِلُ؛ ص (ع) وچ ۾ پِئي روڪيندڙ، روڪ ڪندڙ.
حَبُ؛ ذ (ع) دوا جي گوري.
حُبَ؛ ث (ع) پيار- قرب، سِڪَ- چاهہ.
حُبُ الوَطَني؛ ث. وطن يا ديس لاءِ پيار جو جذبو.
حُبابُ؛ ذ (ع) جَرَڪوٽو- بوڙيو.
حَبسُ؛ ذ (ع) قيد- بند، گهٽَ- اَبسَ.
حَبس بيجا؛ ذ. ناجائز طور ڪنهن کي بند ۾ وجهڻ جو عمل- ناحق روڪ بند.
حَبشِي؛ ذ. 'حبش' (آفريڪا) جو رهاڪو- شيدي. (ث. حَبشِڻ).
حَبو؛ ذ (ع) داڻو، ٻج، ذرو.
حُبُوبَ؛ ذ (ع. 'حَبُ' جو جمع) گوريون (دوا جون). بوڙيا (پاڻيءَ جا).
حُبوب اُتارڻ؛ ڪُوڙا مُلَ اُتارڻ، افواہ پکيڙڻ، بدنامي ڪرڻ.
حَبِيبُ؛ ص (ع) پيارو- محبوب، دوست، معشوق.
حَتيٰ؛ ظ (ع) تائين- جو- جيستائين.
حَتيٰ ڪِ؛ ظ. ايستائين جو- ايتري قدر جو.

حَتيٰ الامِڪان، حَتيٰ المقدور، حَتيٰ الوسعُ؛ ظ. جيستائين ٿي سگهي. وس آهر- پڄندي سارو.
حَتمي؛ ص (ع) ضروري. پڪو (ارادو يا فيصلو).
حَجُّ؛ ذ (ع) ڪعبة الله جي طواف ۽ ٻين احڪامن جو عبادت جي نيت سان ارادو. اسلام جو هڪ رُڪن (جيڪو ٩- ذوالحج تي عرفات جي ميدان ۾ ادا ٿئي).
حَجُ ڪَرڻُ؛ حج جيترو ثواب حاصل ڪرڻ. وڏو خير جو ڪم ڪرڻ.
حُجَ؛ ث (ع. حُجت) هيج مان طلب. لاڏ- انگل. گستاخي. اميد.
حِجابُ؛ ذ (ع) پردو- اوٽ. ٻَڪُ (مُنهن تي ڪپڙي جو)- نقاب. شرم- لڄ.
حِجابُ ڪرڻ؛ لڄ ڪَڻ. پردو ڪرڻ. لحاظ ڪرڻ.
حُجاجُ؛ ذ (ع) گهڻا حاجي- حاجين جو قافلو.
حَجامُ؛ ص (ع) سَنوارت ناهيندڙ- نائي. (ث. حَجامِڻ).
حَجامَتَ؛ ث. حجامڪو ڪم.
حَجامَت ڪرڻ؛ صفائي ڪرڻ. ننگڻ- ننگيءِ سان نقصان پهچائڻ.
حُجائِتو؛ ص. حُجت ڪندڙ. (ث. حُجائتي).
حُجَتَ؛ ث (ع) دليل. بحث. اعتراض. لاڏ- هيج. گستاخي.
حُجت ڪرڻ؛ تڪرار ڪرڻ. بحث ڪرڻ. گستاخي ڪرڻ.
حُجَتي؛ ص. لاڏ مان گستاخي يا هٺ ڪَس ڪندڙ- حُجائتو.
حَجَرُ؛ ذ (ع) پٿر- سَنگُ.
حَجَرُ اَسوَدُ؛ ذ. ڪعبة الله جي ڀت ۾ لڳل ڪاري رنگ جو متبرڪ پٿر.

حُجروُ؛ ذ (ع. حُجرة) ڪوٺڙي. عبادت لاءِ اڪيلائي واري ڪوٺي. مسجد سان لڳ ننڍي ڪوٺي.
حَجلهٔ عُروسي؛ ث (ع) ڪُنوار جي ڇپر کَٽ. سيجَ.
حَجّامُ؛ ذ (ع) حجام- نائي. ٿلهه (ڊيگهه ويڪر).
حَدَ؛ ث (ع) ڇيڙو- دنگ. سَرحد. ڇيهه- انت. مقرر ٿيل شرعي سزا.
حَدِ فاصِل؛ ث. ٻن شين کي جدا ڪندڙ وٿي.
حَدادُ؛ ذ (ع) لوهار.
حِدَتَ؛ ث (ع) تپش- گرمي.
حُدُودُ؛ ث (ع. حَدَ جو جمع) حَدُون.
حُدود اَربعَ؛ ث. چار پاسا- چار طرف (اتر، ڏکڻ، اولهه، اوڀر).
حَديثَ؛ ث (ع) نبي سڳوري جي قول ۽ فعل جي خبر. ٿيءِ ڳالهه. خبر. حڪايت.
حَذَرُ؛ ذ (ع) ڊپ- خوف. احتياط- خبرداري.
حَذَقُ؛ ذ (ع) چالاڪَ. گهڻتائي- ڪَمي.
حُرُ؛ ذ (ع) آزاد شخص (جو ڪنهن جو غلام نہ هجي).
حُرِيَتَ؛ ث (ع) آزادي.
حَرارَتَ؛ ث (ع) تپش. گرمي- ڪاڙهو. هلڪو بخار.
حِراسَتَ؛ ث (ع) قيد- نظربندي. سنڀال- نگراني.
حَرامُ؛ ص (ع) شريعت جي خلاف ناجائز ڪم. گناه. بدڪاري. (ص)حُرمت وارو- پاڪ (مثلا مسجد الحرام وغيره).
حَرامپائي، حَرامڙائپ؛ ث. لچائي- بدمعاشي.
حَرامخورُ؛ ص. حرام کائيندڙ. مردار کائيندڙ. ٻئي جي ڪمائي کائيندڙ. مفتخور.
حَرامخوري؛ ث. حرام جي حال تي گذران. بجڙائي. سُستي- ڪاهلي.
حَرامڙو؛ ص. لچ- بدمعاش.

حَرامزادگِي: ث. بيحيائي. ڪميڻپ. بدمعاشي. لُچائي.
حَرامزادو: ص. حرامي. (ث. حرامزادي).
حَرامِي: ص. حرامزادو. لُچ- شرير.
حَرَبُ: ث (ع) لڙائي- جنگ.
حَربو: ذ (ع. حَربه) جنگ جو هٿيار. اٽڪل- تجويز.
حَرجُ: ذ (ع) نقصان- ڇيهو. زيان.
حَرجانو: ذ. نقصان جو عيوضو.
حِرصُ: ذ (ع) لالچ- لوڀ. چاھُ- موھُ. سڌ- هوَس. هبچ.
حِرصي: ص. لالچي. سڌڙيو.
حِرصائِڻُ: م. لالچائڻ- هِرڪائڻ.
حَرفُ: ذ (ع) 'الف- بي' جو هڪ اکر. سُخن. ميار. مِهڻو.
حَرفُ اچڻ: الزام اچڻ. ميار اچڻ.
حَرف بہ حَرف: ظ. اکر بہ اکر. لفظ بہ لفظ (بيان).
حرف جَرُ: ذ. گرامر موجب اسم يا ضمير جي پٺيان اچي لاڳاپو ڏيکاريندڙ لفظ.
حرف رکڻ: ميار رکڻ.
حَرفُ جُملو: ذ. ٻن لفظن يا جملن کي ڳنڍيندڙ لفظ (۽، يا، وغيره).
حَرف شَناس: ص. اکر سڃاڻيندڙ. ٿور پڙهيل.
حَرف صَحِيحُ: ذ. 'الف- بي' ۾ "ا، و ۽ ي" کان سواءِ باقي اکر.
حَرف عِلَتَ: ذ. ٻئي ڪنهن حرف سان گڏجي اُچار ٺاهيندڙ اکر (ا، و، ي).
حَرفُ نِداء: ذ. گرامر موجب خوشي، ڏک، عجب ڏيکاريندڙ حرف (او، شل، واھ، وغيره).
حَرفِي: ص. مياري. ڏوهي.
حِرفَتَ: ث (ع) ڌنڌو- پيشو. هنر- ڪاريگري. اٽڪل- ڪيڏ. چالاڪي- حِيلو.
حِرفَتبازِي: ث. چالاڪي. اٽڪل بازي.
حِرفَتِي: ص. چالاڪ- ڏاهو. اٽڪل باز.
حَرڪَتَ: ث (ع) چُرپر- جُنبش. لوڏو. چال- هلڻي. مستي- ڪيچل- چُراند. شرارت. اکرن کي زبر، زير، پيش وغيره جي نشاني- اعراب.
حَرڪَتِي: ث. حرڪت ڪندڙ. ڪيچل ڪندڙ. ٽيٽاڙُو.
حَرَمُ: ذ (ع) ڪعبة الله جي چوڌيواري. نڪاح ۾ آيل عورت- زال. گهر جو زنانو حصو.
حَرمَسَراءِ: ث. گهر ۾ زالن وارو حصو.
حِرمان: ذ (ع) مايوسي- نااميدي. محرومي. نياڳ.
حُرمَتَ: ث (ع) عزت- احترام. پاڪائي. آبرو.
حَرمَين: ذ (ع) ٻہ حرم (مڪه مُعَظمَه ۽ مدينہ مُنوَره).
حُروفَ: ذ (ع. حرف جو جمع) اکرَ.
حُروف تِهجِي: ث. 'الف- بي' جا اکر.
حُريَتِ: ث (ع) آزادي.
حَرِيرُ: ذ (ع) پَٽ- ريشم. ريشمي ڪپڙو.
حَرِيصُ: ص (ع) لالچي- هَوَسي. هبچي.
حَرِيفُ: ص (ع) ساڳئي ڌنڌي وارو. رقيب. مقابل. مَٽ- برابر.
حِزبُ: ذ (ع) جٿو- ٽولو- گروه.
حِزب مُخالِفُ: ذ. مخالف ڌُر.
حُزنُ: ذ (ع) ڏک- غم- افسوس.
حَزِينُ: ص (ع) غمگين- ڏکارو.
حِسُ: ذ (ع) حواس سان ڄاڻڻ يا محسوس ڪرڻ. حواس.
حِسَابُ: ذ (ع) ڳاڻيٽو- شمار. ميزان- جوڙ. حساب ڪتاب. رياضي جو اصول (زباني حساب. تحريري حساب). طريقو- ڍنگ. وهنوار. ڀَلَ- رولو. جِنُ ڀوت جو اثر- لڳت.
حِسابُ ڏيڻ: ليکو ڏيڻ. وَهنوار ڏيڻ. نتيجو ڀوڳڻ.
حِسابُ ڪتابُ: ذ. ليکو چوکو. ڏيتي ليتي.

حِسابُ وٺڻ؛ خرچ جو تفصيل وٺڻ. ليکو وٺڻ. وھنوار وٺڻ. گذريل پَل پَل جو حساب چُڪائڻ. بدلو وٺڻ.

حِسابي حِسابُ؛ ظ. ليکي سان– وھنوار سان. ڪنھن بہ وقت وھنوار پري ڏيڻ لاءِ پڌل.

حَساسُ؛ ص (ع) جُھٽ سان محسوس ڪندڙ. تيز فھم. يڪدم اثر وٺندڙ.

حُسام؛ ث (ع) تلوار.

حَسبُ؛ ظ (ع) موجب– پٽاندر– مطابق.

حَسبُ الحُڪم؛ ظ. حڪم موجب– فرمان مطابق.

حَسبِ توفيق؛ ظ. پڄندي سارو– حيثيت آھر.

حَسبِ حال؛ ظ. حال سارو– حالت پٽاندر.

حَسبِ دَستُور؛ ظ. دستور موجب ھلي چلي مطابق. ھميشہ وانگر. اڳين عادت موجب.

حَسبِ ذَيل؛ ظ. ھيٺين موجب. ھيٺ ڄاڻايل احوال مطابق.

حسبِ مَعمُول؛ ظ. عادت موجب. عام طرح.

حَسبِ مَنشا؛ ظ. مرضي مطابق. ارادي موجب.

حَسَبُ؛ ذ (ع) نسل– پيڙھي. اصل نسل. شمار– ڳڻپ.

حَسَبُ نَسَبُ؛ ذ. خانداني سلسلو. بڻ بنياد. پيڙھي– خاندان.

حَسَدُ؛ ذ (ع) رِيسَ– ساڙو. بغض. عداوت. بدخواھي.

حَسرَت؛ ث (ع) آرزو– تمنا. غم– افسوس. پشيماني.

حَسَنُ؛ ص (ع) ڀلو– عمدو– سھڻو.

حُسنُ؛ ذ (ع) سونھن– جوڀن– جمال. روپ– سھڻائي. خوبي.

حُسنُ اَخلاق؛ ذ. سٺا لڇڻ– سلڇڻائي.

حُسناڪُ؛ ص. حُسن وارو– سھڻو.

حُسنِ تَدبِيرَ؛ ث. سھڻي رِٿ. سُھڻي اٽڪل. سُٺي تجويز.

حُسن پَرست؛ ص. سونھن کي پسند ڪندڙ. حَسينن تي موھت ٿيندڙ.

حُسن ظَنُ؛ ذ. سھڻو گمان. نيڪ خيال. سُٺي راءِ.

حَسِينُ؛ ص (ع) حُسن وارو– سھڻو، وڻندڙ. سينگاريل. (ث. حَسِينہ).

حُسيني؛ ث. ھڪ راڳ جو نالو. شاھ جي رسالي جو ھڪ سُر.

حَشاشُ بَشاشُ؛ ص. نھايت خوش. تندرست ۽ خوش.

حَشامُ؛ ذ (ع. حشام) انبوہ– ميڙ. لشڪر. ھُل. دانھون ڪُوڪُون.

حَشَرُ؛ ذ (ع) قيامت جي ڏينھن وري جيئرا ٿي اُٿڻ جي حالت. قيامت. حضرت امام حسين جي شھادت جي ڏينھن جو ماتم. روڄ راڙو. ھُل گوڙ.

حَشَر مچائڻ؛ ھُل ھنگامو ڪرڻ. روڄ راڙو ڪرڻ، ماتم ڪرڻ.

حَشري؛ ث. واويلا– ماتم. ھُل– گوڙ. خُواري.

حَشرات؛ ذ (ع) سنھا ننڍا جيت. جيت جڻيا. سُرندڙ جيت. حَشرات الارض.

حَشمَتَ؛ ث (ع) رعب تاب– دبدبو. ڏيان. شان شوڪت. ٺٺُ. مان شان، دھشت– ڏڪو.

حَشو؛ ذ (ع) ڀرتيءَ جي شيءِ (جھڙن وھاڻي جو ڀراءُ). شعر ۾ ڀراءُ جا لفظ.

حَشِيش؛ ث (ع) ڀنگَ.

حِصارُ؛ ث (ع) چوڌيواري– عالم پناہ. ڪوٽ– قلعو. گھيرو.

حِصو؛ ذ (ع. حصّہ) ٽڪِرو– ڀتي– ڀاڱو. وِرڇ ۾ آيل ڀاڱو. وَنڊِي.

حصو بخرو؛ ذ. ڀتيون– ڀاڱا– ٽڪرا. ورھاست.

حِصيدارُ؛ ص. ڀائيوار– ڀتيارُ.

حِصي رَسِي، حِصي رسد؛ ث. هڪ جهڙن حصن ۾ ورهاست. رياضي ۾ موجب ورهاست ۾ هڪ جهڙائي آڻڻ جو طريقو.
حُصُولُ؛ ذ (ع) حاصلات- اُپت- آمدني. وصولي. نفعو.
حَضَرُ؛ ذ (ع) موجودگي. هڪ هنڌ قيام. وطن ۾ رهايش.
حَضَرات؛ ذ (ع) "حضرت" جو جمع. حاضرين.
حَضَرتُ؛ ذ (ع) بزرگن ۽ حاڪمن لاءِ عزت ڀريو خطاب. سڳورو.
حُضُورُ؛ ث (ع) بزرگ جي مجلس- حاڪم جي دربار. معزز ماڻهو کي مخاطب ڪرڻ جو لفظ.
حُضُوري؛ ث. نزديڪي- ويجهڙائي. موجودگي- حاضري. (ص) حضور ۾ پهتل.
حِظُّ؛ ذ (ع) لذت- مزو. خوشي- سرهائي.
حِفَاظَتَ؛ ث (ع) سلامتي- پناهه. سنڀال- نگراني.
حِفظُ؛ ذ (ع) حفاظت- سنڀال. (ظ) ياد- برزبان.
حِفظِ صِحَتَ؛ ث. جسم جي حفاظت- تندرستي.
حِفظِ ماتَقدُم؛ ذ. اڳواٽ بچاءُ. اڳواٽ بندوبست. حفاظت لاءِ پيش بندي.
حِفظ مَراتب؛ ذ. مرتبي جو لحاظ. حيثيت سارو عزت.
حِفظ ڪرڻ؛ ياد ڪرڻ.
حَفِيظُ؛ ص (ع) محافظ. نگهبان. بچائيندڙ. (ذ) خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو.
حَقُ؛ ذ (ع. حَق) سَچُ- صِدق. ذميداري- فرض. دعويٰ. عدل- نياءُ. بدلو- عيوض. مزوري. مڙس- ڪانڌُ. خدا جو هڪ صفاتي نالو- حق تعاليٰ. (ص) سچو. درست. نيڪ. بجا- روا. جائز- مباح.
حق آدا ڪرڻ؛ فرض پورو ڪرڻ. ذميداري پوري ڪرڻ. صحيح انصاف ڪرڻ. هرڪنهن کي پنهنجو حصو ڏيڻ.
حَقاني؛ ص. حق وارو. صحيح- سچو.
حَقُ بَجانِبُ؛ ظ. سچ يا حق جي پاسي. حق تي- درست.
حَقُ بخشائڻ؛ ذ. ڇوڪريءَ کي سڄي عمر ڪنواري رهڻ لاءِ قرآن شريف سان لائون ڏيارڻ جي رسم.
حَق تَلفي؛ ث. حق مارڻ (زور زبردستي سان). ناانصافي.
حَق پَرست؛ ص. خدا کي مڃيندڙ. سچائي کي پسند ڪندڙ. عادل.
حَقَ حُقُوقَ؛ ذ. واجبات. ذميداريون.
حَقِ حَلال؛ ص. جائز- روا- مُباح.
حَقدارُ؛ ص. حق رکندڙ. جائز وارث.
حَق رَسِي؛ ث. انصاف- عدل. داد رسي.
حَق شَرَع؛ ث. مڙس ۽ زال جو هڪ ٻئي تي شرعي حق.
حَقُ شَفَعہ؛ ذ. پاڙيسري هئڻ جو حق. پنهنجي گهر يا زمين جي پرواري گهر يا زمين خريد ڪرڻ جو قانوني حق.
حَقُ شَناسُ؛ ص. قدردان. فرض سُڃاڻيندڙ.
حَقُ ڪرڻ؛ نياءُ ڪرڻ. صحيح فيصلو ڪرڻ. نڪاح ڪرڻ- شادي ڪرڻ.
حَق گو؛ ص. سچ چوندڙ- سچار.
حَقِ گوئي؛ ث. سچ چوڻ. سچي ڳالهه ڪرڻ.
حَق ۾؛ ظ. باري ۾- بابت. حمايت ۾.
حَقُ ناحَقُ؛ ظ. خواهه مخواهه. هروڀرو. سبب يا بنا سبب جي.
حَقائِقُ؛ ذ (ع) "حقيقت" جو جمع.

حقي: ص. حق وارو. حق رکندڙ. حقدار.
حقابو: ذ (ع. حَق+ ف. آب) پوک لاءِ ڪم آندل پاڻي جو معاوضو. (جيڪو مالڪ زميندار کان ورتو ويندو هو). پاڻيءَ جو حق.
حقارت: ث (ع) ڌڪار- نفرت. ڪراهت.
حقنو: ذ (ع) طب جي اصطلاح ۾ پچڪاري ذريعي پاخانو آڻڻ.
حقو: ذ (ع) تماڪ ڇڪڻ لاءِ ٺڪر يا ڌاتوءَ مان ٺهيل گهگهيءَ جهڙو ٿانءُ.
حقو پاڻي بند ڪرڻ: برادريءَ مان ڪڍي ڇڏڻ.
حقوق: ذ (ع. حَق جو جمع) فرض. جوابداريون.
حقوق الله: ذ. خدا تعاليٰ جا انسان تي حق (عبادت ڪرڻ ۽ حڪم مڃڻ).
حقوق العباد: ذ. انسانن جا حق. ماڻهن جا ماڻهن تي حق. انساني فرض.
حقيرُ: ص (ع) حقارت جي لائق- نفرت جوڳو. نيچ- خسيس- ادنيٰ. ڌڪاريل. بي پهچ- هيٺو.
حقيقت: ث (ع) اصليت. سچائي. سچي ڳالهه. بيان- احوال. ماجرا.
حقيقي: ظ (ع) سچو- صحيح. اصلي.
حڪاڪ: ص (ع) وينجهار.
حڪامُ: ص (ع. حاڪم جو جمع) حڪومت ڪندڙ. حڪم هلائيندڙ. بالا عملدار.
حڪايت: ث (ع) آکاڻي- ڪهاڻي. قصو- داستان. بيان- احوال. روايت.
حڪمُ، حُڪمُ: ذ (ع) فرمان- اَمر. سرڪاري قاعدو. تاس راند ۾ پوليل رنگ- ٽُرپ.
حڪم امتناعي: ذ. ڪنهن عمل کان منع ڪرڻ جو حڪم (جيڪو عدالت جاري ڪري).

حُڪمان حُڪم، حُڪمانُ حُڪمي: ظ. حڪم جي زور سان. ڏاڍائي سان. زوري زبردستي.
حُڪم بجا آڻڻ: حڪم جي تعميل ڪرڻ.
حُڪمرانُ: ص. حڪم هلائيندڙ. فرمانروا- حاڪم.
حُڪمراني: ث. حڪم هلائڻ جا اختيار. فرمانروائي- حڪومت.
حُڪمنامو: ذ. لکيت ۾ حڪم. تحريري هدايت.
حُڪمي بندو: ص. حڪم جو نوڪر. چشيوان. تابعدار.
حِڪمت: ث (ع) ڏاهپ- دانائي- عقل. علم. تدبير- ڪيڏ. طبابت جو فن.
حِڪمت الاهي: ث. باري تعاليٰ ۽ عقليت تي بحث جو علم. خدا جي مرضي.
حِڪمت عَملي: ث. عمل جي ڏاهپ. تجربي مان حاصل ٿيل علم. مُلڪي تدبير. سياست. چالاڪي. هوشياري.
حُڪومت: ث (ع) بادشاهي. فرمانروائي. سلطنت.
حَڪيمُ: ص (ع) ڏاهو- داناءُ- سياڻو. فيلسوف. عالم فاضل. ويج- طبيب. خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
حَلُ: ذ (ع. حَل) ڏکئي ڪم کي آسان ڪرڻ. مشڪل مسئلي جو سلجهاءُ. سمجهاڻي. جواب. پَجڻ. ميلاپ. پيهَڻ- گهوٽڻ.
حَلُ ڪرڻ: سُلجهائڻ. پجڻ (حساب). آسان ڪرڻ. حاصل ڪرڻ (عبور). شيءِ کي ڳاري پاڻ ۾ ملائڻ- ڳارڻ (پاڻيءَ ۾).
حَلاجُ: ص (ع) پيڃارو. صوفي منصور حَلاجُ.
حَلالُ: ص (ع) شرع مطابق روا- جائز- مباح. ذبح ڪيل جانور.

حَلال خورُ، ص. حلال جي ڪمائي ڪائيندڙ. پاليشاهي- پنگي.

حَلال ڪري ڪائڻ، جائز نموني سان ڪائڻ. ايمانداري سان پورهيو ڪري جي عيوض مليل اُجرت مان گذر ڪرڻ.

حَلالهِ، ث. طلاقيل عورت جيڪا ٻئي مڙس سان نڪاح ڪري وري پهرئين مڙس سان نڪاح ڪري.

حَلالِي، ص. جائز- صحيح (اولاد).

حَلاوَتَ، ث (ع) مِٺاڻ- ميناڄ. ذائقو- لذت.

حَلفُ، ذ (ع) قسم- سُنهُن.

حَلف نامو، ذ. تحريري قسم جو نامو.

حَلقُ، ذ (ع) نڙي- نڙگهٽ. ڳچي- گردن.

حَلقو، ذ (ع) گهيرو- دائرو- گولُ. ڪڙو- چلو. هم خيال ماڻهن جو گروهه. علائقو- حد.

حَلقه انتخابُ، ذ. اهو علائقو جنهن ۾ رهندڙ ماڻهو پنهنجو نمائندو چوندين. چُونڊ جو تَڪُ.

حِلمُ، ذ (ع) سَهڻ جو مادو- سَهپَ. تحمل. بردباري. نرم دلي. ڪامڻ- جادو.

حُلوانُ، ذ (ع. حُلوان) ڇيلو (ٻڪريءَ جو ٻچو). ڇيلي جو گوشت. ڳاڙهي رنگ جو سوٽي ڪپڙو.

حُلولُ، ذ (ع) هڪ شيءِ جو ٻيءَ ۾ پيهي حَلُ ٿي وڃڻ. واسو (جِنُ ڀُوت جو).

حَلوو، ذ (ع. حَلاوَ) مٺائيءَ جو هڪ قسم (گيهه، نشاستي، ميدي ۽ کنڊ مغزيات وغيره مان ٺهيل).

حَلوائِي، ص. مِٺائي ٺاهيندڙ.

حَلِيفُ، ذ (ع) معاهدي ۾ ڪابه هڪ ڌُر. سائي- رفيق.

حَلِيمُ، ص (ع) بردبار. نرم مزاج. ٺهَنو. نرم- ڪُونئرو. هڪ قسم جو طعام (اناج، داليون، گوشت، مصالحو رڌي ڳاري نرم ڪيل).

حَليمائِي، ث. قوت برداشت- سهپ جي طاقت. بردباري. نهٺائي.

حَلِيمُ سِيماء، حَلِيمُ طبعَ، ص. نرم مزاج- بردبار.

حُليو، ذ (ع. حُليه) شڪل- صورت- شبيهه.

حِماقَتَ، ث (ع) بيوقوفي- ايائپ.

حَمالُ، ص (ع) مزور. بار ڍوئيندڙ (خاص ڪري ڪوئين، گدامن يا ڪارخانن ۾ ڳوڻيون ڍوئيندڙ).

حَمالِي، ث. مزوري (ڳوڻين ڍوئڻ جي).

حِمّامُ، حَمّامُ، ذ (ع) وهنجڻ خانو- غلسخانو (جنهن ۾ گرم پاڻي ملي). دوائن يا مصالحي ڪُٽڻ لاءِ ٽاتوءَ مان ٺهيل اُکري.

حمام دَستو، ذ. ٽاتوءَ مان ٺهيل اُکري مُهري.

حُمامُ، ذ (ع) باهه- تپش. گرمي.

حَمائِلُ، ث (ع) ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه- ٽانٽ. تمام ننڍڙي تختي وارو قرآن شريف (جيڪو تعويذ وانگر ڳچيءَ ۾ ٻڌجي).

حِمايَتَ، ث (ع) طرفداري- پاسخاطري. مدد- پُنيرائي.

حِمايَتِي، ص. مددگار. طرفدار. واهرو.

حَمدَ، ث (ع) ڌڻيءَ تعاليٰ جي ساراهه.

حَمد وثَنا، ث. 'حمد' فقط خدا جي لاءِ آهي ۽ 'ثنا' انسان جي به ٿي سگهي ٿي.

حَمدُ، ذ (ع) شڪرانو (ڌڻي تعاليٰ جو).

حَمَلُ، ذ (ع) بارُ. پيٽُ- اميدواري. هڪ آسماني بُرج- ميک.

حَملو، ذ (ع) هَلان- ڪاهه- جُلهه.

حَملي آوَرُ، ص. ڪاهه ڪندڙ- چڙهائي ڪندڙ.

حَمِيتَ، ث (ع) غيرت- شرم. ننگ.

حَمِيدُ، ص (ع) ساراهيل- واکاڻيل. خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو.

حِنا: ث (ع. حَنا) ميندِي.

حَنبَلُ: ذ (ع) فقه جو هڪ امام (احمد بن حَنبل).

حَنبَلِي: ص. امام احمد بن حنبل جا پيروڪار. سُني مسلمانن جو هڪ فرقو.

حَنَفِي: ص (ع) امام ابوحنيفه جو پوئلڳ. سُني مسلمانن جو هڪ فرقو.

حَنِيفُ: ص (ع) حضرت ابراهيم عليه السلام جي دين کي مڃيندڙ. سچي دين (اسلام) کي مڃيندڙ. پڪو مسلمان.

حَوا: ث (ع. حَوّا) حضرت آدم عليه السلام جي زال ۽ انسان ذات جي ماءُ.

حوادِث: ذ. (ع. حادثه جو جمع) حادثا- واقعا.

حَوارِي: ص (ع) دوست- يار. مريد- پوئلڳ. حضرت عيسيٰ عليه السلام جو دوست.

حَواسُ: ذ (ع. حاسه جو جمع) انسان جي ڏسڻ واسڻ ۽ ڇهڻ جي قوت (پنج حواس: اکيون. ڪَنَ. نڪ. وات. هٿ). هوش- عقل.

حَواس باختہ: ص. وائڙو- حيران. هَڪو ٻَڪو.

حَواس خمسہ: ذ. پنج حواس (چکڻ. ٻڌڻ. ڏسڻ. ڇهڻ. سنگهڻ).

حَواشِي: ذ (ع. حاشيه جو جمع) ڪنارا. حاشي ۾ لکيل وضاحت.

حَوالاتُ: ذ (ع) سپردگي- تحويل. ٿاڻي جو ننڍو جيل. جيل- قيد.

حَوالدارُ: ص (ع) حوالات سنڀاليندڙ. پوليس يا فوج جو ننڍو عملدار. پنيوالن جو اڳواڻ- نائڪ.

حَوالو: ذ (ع) ڪتاب جي لکيت مان ڪنيل معلومات بابت اشارو. اهڃاڻ.

حَوالي ڪرڻ: قبضي ۾ ڏيڻ- سپرد ڪرڻ. نمي ڪرڻ.

حوائج: ذ (ع. 'حاجت' جو جمع) گهرجون- ضرورتون.

حَوائج ضروري: ذ. ضروري ڪم. ڪاڪوس وغيره جي ضرورت.

حُوتُ: ذ (ع) وڏي مڇي. هڪ آسماني بُرج.

حُورَ: ث (ع) بهشت جي حسين عورت. سهڻي عورت. (ص) سهڻي- حَسين.

حُورَ پَري: ص. تمام سهڻي- نهايت خوبصورت (عورت).

حَوصِلو: ذ (ع) همت- جرئت- دليري.

حَوصلا خطا ٿيڻ: حواس گم ٿيڻ. همت ڇڏائي وڃڻ.

حَوصلي آفزائي: ث. دلداري. شاباس.

حَوصلي وارو: ص. همت وارو- جرئتمند.

حَوضُ: ذ (ع) پاڻي گڏ ڪرڻ لاءِ هشراڏو تلاءُ- ٽانڪي- هَودي.

حَوضِ ڪوثرُ: ذ. بهشت جو هڪ چشمو.

حَويلي: ث (ع) وڏي عمارت- محلات. بادشاهہ يا بزرگ جي حرمسراءِ.

حَيُ: ص (ع) هميشه حيات. زنده- جيئرو. خداتعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

حَيا: ذ (ع) حَياءُ.

حَيَات: ث (ع) زندگي- عُمر. حياتي. جمار. جان- ساهہ.

حَياءُ: ذ (ع) شرم- لڄ. غيرت. لحاظ- محابو.

حَيثيت: ث (ع) پهچندي- پُڄت. وس- طاقت. هُوندَ. سگهہ- پهچ. لياقت- رتبو- درجو.

حَيدَرُ: ص (ع) وڏي آفت کي چيريندڙ. شينهن. (ذ) حضرت علي ڪرم الله وَجههُ جو لقب.

حَيدَري: ص. 'حيدر' جو پيروڪار. شيعہ فرقي جو.

حَيدَرآبادُ: ذ. سنڌ جو مشهور تاريخي شهر (جنهن جو قلعو ميان غلام شاهہ ١٧٦٨ع ۾ اڏايو).

حَيرانُ: ص (ع) هكو بكو- واثڙو. ششدر- پريشان، عجب ۾.
حيران ڪرڻ: عجب ۾ وجهڻ. پريشان ڪرڻ. دربدر ڪرڻ.
حَيراني: ث. عجب- حيرت. پريشاني.
حَيرتَ: ث (ع) عجب- اچرج- ويچار- ڳڻتي.
حَيرت انگيز: ص. حيران ڪندڙ. اچرج جهڙو.
حَيرتَ زَده: ص. واٺڙو- موڳو. حيران- پريشان.
حَيصُ بَيصُ: ذ. ننڌ نئاء. تڪرار- بحث.
حَيضُ: ذ (ع) ماهواري- ڦُلَ.
حَيضِي ڦرُ: ذ. حرامي ٻار. (ص) شرير (ٻار).
حَيفُ: ث (ع) حقارت يا جُٺ جو لفظ. افسوس.
حِيلو: ذ (ع. حِيله) بهانو. اٽڪل. اُپاءُ. حرفت. فريب. روزگار.
حِيلو حَوالو: ذ. اٽڪل سٽڪل. بهاني بازي. ڪوشش. حڪمت عملي.
حِيلو ڪرڻ: بهانو ڪرڻ. اٽڪل ڪرڻ. اُپاءُ ڪرڻ. تدبير ڪرڻ. روزگار ڪرڻ.
حِيلو وَسيلو: ذ. مددگار- پرجهلو.
حِيلي باز: ص. بهانا ڪندڙ. اٽڪلي- حرفتي.
حَيوانُ: ذ (ع) ساهوارو- جانور. چوپايو- ڍور. بي سمجهه. وحشي.
حَيوانِ ناطِقُ: ذ. ڳالهائيندڙ جانور. ماڻهو- انسان.
حَيوانِيَت: ث. جانور جي خاصيت (جنهن ۾ لڄ لِيهَه. حياءُ. قياس. شعور جو احساس نه هجي). بي رحمي. ظلم. وحشانيت.

خ

خ: ث (ع) سنڌي "الف- بي" جو ارڙهون اکر. عربي جو ستون ۽ فارسي جو ناٿون اکر. اچار "خَي". ابجد موجب عدد (٦٠٠).
خابرو: ص (ع) خبر ڏيندڙ. قاصد. جاسوس.
خاتمَ: ث (ع) مُهر. مُهروري مُنڊي.
خاتِمُ: ص (ع) ختم ڪندڙ. (ذ) خاتمو پڇاڙي.
خاتم الانبياء: ذ. نبوت جي سلسلي جي پڇاڙي ڪندڙ. آخري پيغمبر (حضرت محمد صلعم)
خاتمو: ذ (ع. خاتمة) پڇاڙي- پُڄاڻي. آخر. ڪتاب جي آخر ۾ لکيل عبارت.
خاتمه بالخير: ذ. نيڪيءَ واري پُڄاڻي، سلامتيءَ سان خاتمي جي دعا.
خاتُوبَند: ص (ف. خاتم بند) عاج، ڪاٺي يا هڏي تي اُڪَر جو ڪم ڪندڙ.
خاتُو بندي: ث. عاج، ڪاٺي يا هڏي تي اُڪر يا جڙاءَ جو ڪم.
خاتون: ث (ترڪي) وڏ گهراڻي عورت. گهر ڌياڻي.
خاتون جنت: ث. حضرت بيبي فاطمه (رضي الله عنها) جو لقب.
خادم: ص (ع) نوڪر. ملازم. خدمتگار. درگاهه جو مجاور يا مُتولي. (ث.خادمه)
خادمي: ث. نوڪري. ملازمت. خدمت.
خار: ث. ساڙ- ڪار. حسد. چڙ- ڪاوڙ.
خار ڪائڻ: حسد ڪرڻ. ساڙ ڪائڻ. چڙڻ.

خار ڪڍڻ: عداوت پوري ڪرڻ.
خاري: ص. ڪاوڙيل. ضد پيل. حاسد.
خارُ: ذ (ف) ڪَنڊو - سيلھ (وڻ، ٻُوٽي جو).
خار پُشت: ذ. ڪنڊائين پُٺي وارو ھڪ جانور (جاھو، سيڙھ). جاھو.
خاردار: ص. ڪنڊن وارو (لوڙھو، وڻ، ٻُوٽو).
خار زار: ذ. ڪنڊن وارو ماڳ.
خارو خَس: ذ. ڪک ڪنڊا. ڪچرو.
خارا: ذ (ف) سخت پٿر. چِپ.
خارا شگاف: ذ. پٿر ۾ ٽوٽ وجھندڙ.
خارج: ص (ع) ٻاھر. نيڪال. جدا- الڳ. ڪڍيل. ٻاھر نڪتل. ڌڪيل- لوڌيل. تڙيل (دين مان). بيڪار.
خارج ڪرڻ: ٻاھر ڪڍڻ. جدا ڪرڻ. نيڪال ڪرڻ. رد ڪرڻ. بر طرف ڪرڻ (ملازمت مان). ڪڍي ڇڏڻ.
خارجي: ص. ٻاھريون- بيروني. جدا- الڳ. تڙيل. لوڌيل. نڪتل. (ذ) مسلمانن جو ھڪ فرقو.
خارش: ث (ف) چمڙي جي ھڪ بيماري. ڪَنھَر- ڪاجي- کھ. سُر سُر (بدن ۾).
خازِنُ: ص (ع) خزانچي.
خاشاڪ: ذ (ف) ڪک پن- ڪچرو.
خاشو: ذ . سُلفي دکائڻ لاءِ نوڙيءَ جو ٻريل مُچو. خاسو.
خاصُ: ص (ع) تج - اصل. ذاتي- شخصي. مکيہ- اھم. اُتم- اعليٰ. (ظ) فقط- رڳو.
خاصُ الخاص: ص. چُونڊيل - ڏٺيل.
خاص عامُ: ذ. امير غريب. سموري خلق
خاصو: ص. خاص. سُٺو- چڱو. مناسب- موزون.
خاصخيلي: ذ. ھڪ مشھور قوم ۽ ذات. حڪمرانن جو خاص سپاھ ۽ محافظ.
خاصِيَّتَ: ث (ع) خاص تاثير- گڻ. مزاج- اثر (دوا جو).
خاطِر، خاطِر: ث (ع. خاطِر) دل- مَن. آجيان- آدرباءُ. خذمت. (ظ) لاءِ- واسطي.
خاطر جَمعَ: ث. دلجاءِ- تسلي. اطمينان.
خاطرخواه: ظ. مرضي موجب. دلپسند. مناسب.
خاطرداري: ث. آدرباءُ- خذمت چاڪري.
خاطر مدارتَ: ث. خذمت چاڪري. مھمان نوازي.
خاطر ۾ نہ آڻڻ: پرواھ نہ ڪرڻ. ڌيان نہ ڏيڻ.
خاطِري: ث. پَڪَ- يقين. دلجاءِ- تسلي. خذمت- چاڪري. ٽھل ٽڪور.
خاطِريءَ جھڙو: ظ. پسنديءَ جھڙو. خواھش موجب. دل کي وڻندڙ.
خاطُو: ص. خط لکندڙ. خبرون ڏيندڙ (اخبار کي).
خاطِي: ص (ع) ڏوھي- گنھگار.
خاقانُ: ذ (ترڪي) بادشاھ. سلطان.
خاڪ: ث (ف) مِٽي. لَٽَ- ڌوڙ. ڇارَ- رکَ. زمين.
خاڪ آلوده: ص. ڌوڙ ۾ ڀريل. مِٽيءَ ھاڻو.
خاڪ اُڏامڻ: ويراني ٿيڻ (جتي ڌوڙ اُڏامي). برباد ٿيڻ.
خاڪ بَسَر: ص. ڌوڙ ۾ گذاريندڙ. خراب حال- ڏتڙيل.
خاڪ ٿيڻ: مِٽي ٿيڻ. تباھ ٿيڻ. سَڙي رک ٿيڻ.
خاڪ پا: ث. پيرن جي مٽي. حقير. عاجز.
خاڪِ شِفا: ث. صحتيابي ڏيندڙ مٽي (مڪي مديني يا ڪربلا معليٰ جي خاص مٽي).
خاڪِ شوري: ث. مٽيءَ جو ڪم. ھاريو. مزوري- پورھيو.
خاڪِ نَشين: ص. مٽيءَ ۾ ويھندڙ. سادہ مزاج. مسڪين.

خاڪروبُ: ص (ف) ٻهاريدار.
خاڪسارُ: ص. مِٽيءَ جهڙو. عاجز- مسڪين. ڪسر نفسيءَ کان پنهنجو پاڻ کي ڏنل لقب.
خاڪساري: ٿ. عاجزي. نوڙت- نيازمندي.
خاڪسترَ: ٿ (ف) رک- ڇارِ- ڦلهيار.
خاڪناو: ٿ (ف) ڳچي ڌرتي.
خاڪو: ذ (ف) حدن جي نرواريَ لاءِ ليڪن سان ٺهيل نقشو. ڪچو نقشو. تصوير جو ٻاهريون ليڪو. آٽي وانگر پيٺل دوا- ڪُشتو.
خاڪي: ص (ف) مٽيءَ جو. مٽيءَ جهڙو (رنگ).
خالُ: ذ (ع) خالي جاءِ- خَلا. وٿي- وڇوٽي- ٻرگهل. جسم تي ڪارو نشان- تِرُ.
خالصُ: ص (ع) نج- نبار. کرَو. صاف.
خالقُ: ص (ع) پيدا ڪندڙ- خلقيندڙ. (ذ) ڌڻي تعاليٰ جو صفاتي نالو.
خالي: ص (ع) ٺلهو- سکڻو- پالهو. اڻ ڀريل. سُڃو. کوکلو- پورو. (ظ) فقط- رڳو.
خالي پيٽُ: ص. نيرانو- لنگهڻو- بکيو.
خالي هٿين: ظ. ٺلهي هٿين- بنا سمرَ جي. مفلس- ڪنگال.
خالي پيلي: ظ. هرويرو- خواهہ مخواهہ.
خامُ: ص (ف) ڪچو- اڻ پَڪو. ناتجربيڪار. ناقص- بيڪار.
خام خيالي: ٿ. اجايا خيال. غلط گمان.
خاموشُ: ص (ف) ماٺ- چُپ. ساڪن. سانت.
خاموشي: ٿ. ماٺ- چُپ. سانت- سڪون. صبر.
خامہ: ذ (ف) قلم- ڪِلڪَ.
خامہ فرسائي: ٿ. لکيت- تحرير.
خامي: ٿ (ف) ڪچائي. اوڻائي. عيب- نقص. ڪمي- گهٽتائي.

خانُ: ذ (ترڪي) سردار. نواب. رئيس. بلوچن ۽ پٺاڻن جو لقب.
خان بهادر: ذ. حڪومت برطانيہ کان ڪنهن مسلمان کي خدمت جي عيوض مليل خطاب.
خانسامانُ: ذ. ٻورچي. خاص ملازم.
خاندانُ: ذ (ف) گهراڻو- پيڙهي. نسل. قبيلو. ڪٽنب. (ص) سٺي خاندان جو- وڏ گهراڻو.
خانداني ڏيکارڻ: وڏ ماڻهپي ڏيکارڻ. دولتمندي ڏيکارڻ لاءِ لٽ ڪرڻ. اجايا خرچ ڪرڻ.
خانقاہَ، خانگاہ: ٿ (ف) درويش يا بزرگ جو آستانو. ڪنهن درويش جو مقبرو. درگاهہ.
خانگي: ص (ف) گهر جو- گهرو. ذاتي- شخصي. نِجي- پنهنجو.
خانم: ٿ (ف) بيگم. اميرياڻي. وڏ گهراڻي عورت.
خانو: ذ (ف. خانہ) گهر- مڪان- جاءِ. ڪٻٽ يا ميز جو طبق. پاڪڙي يا هَٽي ۾ ويهڻ واري جاءِ.
خانو آباد ٿيڻ: گهر وسڻ. سکيو ستابو هئڻ (دعائيہ ڪلمو).
خانو خراب ٿيڻ: گهر برباد ٿيڻ. بربادي ٿيڻ.
خاني مان نڪرڻ: آپي مان نڪرڻ. هوش مان نڪرڻ. بدانمال ٿيڻ. پاڻ کي خوار خراب ڪري جهڙا ڪم ڪرڻ.
خانوادو: ذ (ف) خاندان- قبيلو- گهراڻو. فقراءَ جو سلسلو. مشائخ يا درويشي وارو خاندان.
خانہ، خانہَ: ذ (ف) خانو.
خانہ آبادي: ٿ. گهر جي آبادي. شادي.
خانہ بربادي: ٿ. گهر جي تباهي.
خانہ بَدوش: ص. لَڏو ڪڍي هلندڙ (جئن ڪوهستاني وغيره). سانگي. بي گهر.

خانہ پُري؛ ث. نقشي ۾ جاين يا انگ اکر پرڻ. نالي ماتر پوئواري.
خانہ جَنگي؛ ث. گهرو ويڙهہ. مُلڪ جي اندر حڪومت سان يا رعيت جي پاڻ ۾ سياسي يا قبائلي جنگ.
خانہ داري؛ ث. گهر جو ڪم ڪار. گهر جو انتظام.
خانہ زاد؛ ص. گهرو نوڪر يا غلام جو اولاد.
خاني؛ ث (ف) رئيسي- اميري. وڏ ماڻهپي.
خاوَر؛ ث (ف) اُپرندو طرف. سج- آفتاب.
خاوَند؛ ذ (ف) مالڪ- آقا. ڌڻي. گهر وارو- مڙس.
خائِف؛ ص (ع) ڊنل. هيسيل. هراسيل.
خائِن؛ ص (ع) خيانت ڪندڙ. بديانت.
خَباثَت؛ ث (ع) بدنيتي- پليتي- بچڙائي (نيت جي). ناپاڪائي- گندگي.
خَبَر؛ ث (ع) ڄاڻ- واقفيت- آگاهي. اطلاع- احوال. سُڌ. پيغام. پروڙ. پتو- اهڃاڻ.
خَبر چارُ؛ ث. حال احوال. سُڌ سماءُ. واءُ سُٺاءُ.
خبردار؛ ص. خبر رکندڙ. واقف- آگاهہ. سجاڳ- چوڪس.
خبرداري؛ ث. هوشياري. سجاڳي. سنڀال- احتياط.
خبر رَسان؛ ص. خبر پهچائيندڙ. اطلاع ڏيندڙ.
خبَرگيري؛ ث. سارسنڀال- پڇا ڳاڇا. سُڌ سَماءُ.
خَبر وٺڻ؛ واقفيت وٺڻ. حال پڇڻ. مدد ڪرڻ. سيکت ڏيڻ.
خَبط؛ ذ (ع) سوداءُ- خفقان. جُنون. چريائي.
خَبطي؛ ص. سودائي خفقاني. چريو. وهمي.
خَبيث؛ ص (ع) ناپاڪ- پليت. بدنيت. لُچ- بدمعاش. شرير.
خَبِير؛ ص (ع) ڄاڻندڙ- واقف. (ذ) خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو.
خَتم؛ ذ(ع) پڇاڙي- پڇاڙي. آخر- انتها. (ص) پُورو- مڪمل. پوُرو.
خَتمُ الرُّسل؛ ذ. سڀني نبين ۾ آخرين نبي سڳورو (حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم).
خَتم ڪرڻ؛ پُورو ڪرڻ. قتل ڪرڻ- مارڻ.
خَتمو؛ ذ (ع) فوتيءَ جي روح کي بخشش واسطي پڙهيل قرآن شريف. پوري قرآن شريف جي تلاوت. مُئي جي ماني يا خيرات. فاتحہ خواني.
خَتنگ؛ ذ (ف) تِيرُ- ٻاڻُ. (ص) تيز- چالاڪ. سورهيہ.
خُتنو؛ ذ (ع) طُهرُ (سُنت ابراهيمي).
خِجالَت؛ ث (ع) شرمساري- ٺِڪائي. پڇتاءُ- پشيماني.
خِجِل؛ ص (ع) شرمندو- ٺِڪو- پشيمان.
خَچَرُ؛ ذ. گهوڙي ۽ گڏهہ جي ميلاپ سان پيدا ٿيل نسل جو جانور.
خچريائي؛ ث. ڪميڻپ. اڻگٺائي. بيوقوفي.
خچر خانو؛ ذ. هُل بکيڙي وارو هنڌ.
خچر کلو؛ ذ. مار موچڙو- مارڪُٽ. هُل بکيڙو- گوڙگهمسان.
خُدا؛ ص (ف) خود ايندڙ ۽ موجود رهندڙ. مالڪ- ڌڻي- الله.
خُدا تَرس؛ ص. خدا جو خوف رکندڙ. رحمدل.
خُدا تَرسي؛ ث. خدا جو خوف. رحمدلي- ڪهل.
خُدا تعاليٰ؛ ذ. الله سائين سڀني کان بلند آهي.
خدا جو گهَرُ؛ ذ. الله جو گهر- مسجد. بيت الله- ڪعبو.
خُدا حافِظ؛ ذ. ڌڻي نگهبان (موڪلائڻ وقت دعائيہ ڪلمو)- الله توهار.
خدا خدا ڪرڻ؛ الله کي ياد ڪرڻ. عبادت ڪرڻ.
خُداداد؛ ص. خدا جو ڏنل. خدا کان مليل.
خدا رسيدو؛ ص. الله کي پهتل. بزرگ- درويش.
خدا سان ڪم پوڻ؛ خدا وٽ موٽي وڃڻ ۽ پُڄائي

جو حساب ڏين.

خُدا شَناس؛ ص. خدا کي سڃاڻندڙ. الله لوڪ- درويش.

خُدانخواسته؛ جملو. خدا نہ ڪري- مبادا.

خُداوَندُ؛ ص. ڌڻي- مالڪ. الله.

خُدائي؛ ث. خدا جي صاحبي. دنيا- جهان. (ص) خدا جي طرفان.

خُدام؛ ذ (ع) "خادم" جو جمع. نوڪر چاڪر.

خَدشو؛ ذ (ف. خدشـــ) ڊپ- خوف. انديشو- گمان. شڪ.

خِدمَت؛ ث (ع. جمع "خدمات") چاڪري- ٽهل. نوڪري- ملازمت. فرض ادائي.

خَدمتگار. خِدمتگذار؛ ص. خدمت چاڪري ڪندڙ. خادم. نوڪر.

خَدَنگُ؛ ذ (ف) تيرُ- ٻاڻُ.

خَرُ؛ ذ (ف) گڏهہ- گَرُ. (ص) ڪريل.

خَر دَجالُ؛ ذ. ڏند ڪٿا موجب آخر زماني ۾ پيدا ٿيندڙ 'دجال' جي سواريءَ جو گڏهہ.

خَردِماغُ؛ ص. ڪُند ذهن. مغرور. هوڏي- ضدي. ٺٺر. بيوقوف.

خَرڪارُ؛ ذ (ف) گڏهن ذريعي بار برداري جو ڪم ڪندڙ. بيگار ۾ ڪم وٺندڙ.

خَرمستُ؛ ص (ف) نشـــي ۾ مست. بددماغ. ضدي. ارڏو.

خَرمَستي؛ ث. بدمستي- ارڏائي.

خَرابُ؛ ص (ع) نڪمو- ردي. ٻُرو. تباهہ- اُجڙ.

خراب حالُ؛ ص. خراب حالت ۾. بدحال.

خراب ڪرڻ؛ ڪِنو ڪرڻ. تباهہ ڪرڻ. ٽِٽائڻ.

خَرابو؛ ذ. ويراني. بَدحالي. ڪِن ڪچرو. پَنجهو.

خَرابي؛ ث. تباهي- بربادي. بُڇڙائي- بُرائي.

خَرابات؛ ذ (ع. 'خراب' جو جمع) شرابخانو. بُتخانو.

خَراجُ. خِراجُ؛ ذ (ع) محصول. ڏنُ.

خَرارُ؛ ذ (ف. خَر وار= گڏهہ تي ڍوئڻ جيترو بار). اڳاٽي وقت ۾ اناج جو هڪ ماڻ (جنهن ۾ سراسري ٢٠ مڻ ٿين).

خُراساني؛ ص (ف) خُراسان مُلڪ جو. (ذ) گڏهہ جو هڪ قسم.

خَراشَ؛ ث (ع) رهڙ- رُهنبَ (ننهن، ڪنڊي يا ڪنهن چهنبياري اوزار جي).

خُرافات؛ ث (ع) واهيات ڳالهيون. بيهوديون ڳالهيون. بڪواس. گارگند.

خِرامُ؛ ذ (ف) ناز سان هلڻي. نخري واري ٽور. سُهڻي هلڻي.

خِرامان؛ ص. ناز نخري سان هلندڙ.

خِرامِ ناز؛ ث. نخري واري هلڻي- ٽورَ.

خَربُوزو؛ ذ (ف) گِدرو.

خُرجِيهَ؛ ث (ف) خُرزينَ- ڪَڙيو.

خَرچُ؛ ذ. ڪاڏي پيتي جي لاڳت. خرچ ڪيل رقم. ڪاپو (پئسن جو).

خَرچَ پَکو؛ ذ. روزاني ڪپت لاءِ رقم. ڪاڏي پيتي لاءِ رقم. گهر جي ڪاپي لاءِ گهربل رقم. سيڌي سامان تي خرچ ڪيل رقم. روزاني ڏيتي ليتي.

خرچ ڪاپارُ؛ ذ. خرچ پکو.

خَرچائڻُ؛ م. خرچ ڪرائڻ. ڪپائڻ (رقم). خريداري ڪرائڻ.

خَرچاڻُو؛ ص. گهڻو خرچيندڙ. هٿ ڇُٽو. فضول خرچ.

خرچَڻُ؛ م. خرچ ڪرڻ. ڪپائڻ (رقم). اُڏائڻ (پئسو).

خَرچِي؛ ث. ٿورڙي خرچ لاءِ ڏنل پئسا. ٻار يا پاڻ کان ننڍي کي خرچڻ لاءِ مليل رقم. شاديءَ جي هڪ رسم

موجب ڪنوار کي ڏنل رقم.
خَرَخَسو، ذ (ف. خَرخش) دنگو- فساد- مانڌاڻ. کِٽ ڦِٽ.
خِرَدَ، ث (ف) دانائي- ڏاهپ- عقل.
خِردَمَندُ، ص. ڏاهو- عقلمند.
خُردُ، ص (ف. خورد) ننڍو. ٿورو. گهٽ.
خُردبيني، خُوردبِيِن، ث (ف) ننڍي شيءِ کي وڏو ڪري ڏيکاريندڙ اوزار.
خُرَدسالُ، ص (ف) ننڍيءَ عمر جو.
خُردَسالي، ث (ف) ننڍپڻ- ڪمسني.
خُرْدَمُ، ذ (ف) ڇيلهه ۾ ٻڌڻ لاءِ چمڙ يا لوهي تارن جو پٽو.
خُردو، ذ (ف. خرده) ريجو- ريزگاري.
خُردَه، ذ (ف) ننڍي شيءِ. ٿورو مقدار. ريجو- کُليل رقم.
خُردَه فَروش، ص. ريزڪي وکرو ڪندڙ.
خُرِزِينَ، ث (ف) وهٽ جي پُٺيءَ تي سامان کڻڻ لاءِ ڏاس مان نهيل ٻٽي ڳوڻ (جيڪا وهٽ جي پُٺيءَ جي ٻنهي پاسن تي رکي وڃي)- ڪڙيو.
خُرسَندُ، ص (ف) خوش- شادمان. سکيو.
خُرسَندِي، ث. خوشي- سَرهائي. خوشحالي.
خَرَقُ، ذ (ع) چِيرُ- ڏارُ.
خَرَقِ عادَت، ذ. عقل خلاف عجيب واقعو. ڪرامت.
خِرِقو، ذ (ع. خرقه) ڇِتي. ڇَتين لڳل ڪپڙو- گودڙي. فقيرانو لباس. مريد کي مرشد کان تبرڪ طور مليل جُبو.
خِرقہ پوشُ، ص. گودڙي پهريل. درويش.
خَرگوشُ، ذ (ف) سَهو (جنهن جا ڪن گڏهه جي ڪنن جهڙا ٿين).

خُرَمُ، ص (ف) خوش- شاد. شاداب- سائو. تندرست- چڱو ڀلو. آسودو- سکيو.
خِرمَنُ، ذ (ف) ڳاهي صاف ڪيل اَنَ جو ڍِڳ- ڳرو. دِڳ. انبار.
خِرمَنِ هَستِي، ذ. حياتي- زندگي.
خُرْمو، ذ (ف) کارڪ- ڇُوهارو. کجور- ڪَتل.
خَروارُ، ذ (ف) خَرارُ.
خُرُوجُ، ذ (ع) نيڪال. نيڪالي. بغاوت.
خِرِيبُ، ذ (ع. فريب) دغا- دوکو- دولابُ.
خِرِيبِي، ص. فريبي- دغاباز.
خَرِيدَ، ث (ف) ملهه وٺڻ. خريداري. قيمت- مُلهه.
خَرِيدَ فروختَ، ث. وکرو ۽ خريداري. ڏي وٺ (مالَ جي). واپار- تجارت.
خريد ڪرڻ، مُلهه وٺڻ.
خَرِيدارُ، ص (ف) خريد ڪندڙ- مُلهه وٺندڙ. گراهڪ. خواهان. طالبو.
خريداري، ث. ملهه وٺڻ. ڪنهن چيز جو سؤدو.
خَرِيدَڻُ، م (ف) ملهه وٺڻ- سؤدڻ- ڳنهڻ.
خَرِيدِي، ث (ف) ملهه- قيمت. اگهه- نرخ.
خَرِيطو، ذ (ع) ننڍو ڳوٿرو. ٻُجڪي- ٿيلهي.
خَرِيفُ، ذ (ع) ڪَتيءَ جو فصل- ڪَتي.
خِزان، ث (ف) سَرءُ. سرءُ جي موسم (جنهن ۾ وڻن مان پن ڇڻن ۽ ڪَتيءَ جو فصل لُهي). بي رونقي. زوال. تباهي- بربادي.
خَزانو، ذ (ع. خزانه) نائي رکڻ جو هنڌ- گنج. گڏ ڪري رکيل دولت. نائو- ڌن. ملڪيت. ذخيرو.
خَزِانچي، ص. خزانو رکندڙ. ٻئي جي طرفان نائي جي ڏي وٺ ڪندڙ. خزاني جو حساب ڪتاب رکندڙ.
خَزِينو، ذ (ع) خزانو.

خَس، ذ (ف) سُڪل گاهہ- ڪک ڪانا.
خَس و خاشاڪ، ذ. ڪک ڪانا- گند ڪچرو.
خَسارِو، ذ (ع) گھاٽو- ٽوٽو- نقصان.
خَستہ، ص (ف) ٿڪل. ستايل. هيٺو- ايرو. پُرٽو.
خَستہ حال، ص. ڏکويل- رنجيده. بدحال.
خَسِرو، ذ (ف) حساب ڪتاب جو رجسٽر. ڪاٽيدارن جي داخلا جو ڪتاب. اُرڙي (بيماري).
خُسرَو، خُسروُ، ذ (ف) ايران جو هڪ وڏو بادشاهہ. امير خسرو (مشهور شاعر ۽ موسيقار).
خُسروانہ، خُسرَوِي، ص. شاهاڻو- بادشاهي.
خُسُوفْ، ذ (ع) چنڊ گرهڻ.
خَسِيسْ، ص (ع) گهٽ درجي جو- ادنيٰ. رواجي. نيچ. گهٽ مُلهہ وارو. هلڪڙو- ڪميڻو.
خِشت، ث (ف) سِرَ.
خُشڪْ، ص (ف) سُڪل. اُساٽيل. اُجايل. اڻيو. رُڪو. بي سواد.
خُشڪ دماغ، ص. سودائي- خفقاني. ڪند ذهن.
خُشڪ سالِي، ث. پاڻي جي اڻاٺ سبب سوڪهڙو.
خُشڪ مزاج، ص. رکو روح. ورچندڙ- بيزار.
خُشڪا، خُشڪو، ذ. پَٽ جو هڪ قسم (جنهن ۾ چانور چڙيا هجن).
خُشڪِي، ث (ف) سوڪهڙو. سُڪل زمين. زمين- ڌرتي. پاڻيءَ کان آجي زمين. اُڃ- پياسَ. (ص) رُکو- بدمزاج.
خُشڪيون چڙهڻ، زبان سُڪي وڃڻ (اُڃ يا ڊپ سبب). حواس گم ٿيڻ. پريشان ٿيڻ.
خَشَمَ، ث (ف) ڪاوڙ- چڙ.
خَشمگِين، ص. ڪاوڙ- چڙيل. ناراض.
خُشُوع، ذ (ع) عاجزي- نِوڙت.

خُشُوعْ خُضُوعْ، ذ. نهايت عاجزي ۽ نِوڙت واري حالت.
خُشُونَتَ، ث (ع) سختي- رُکائي. چڙ- ڪاوڙ. نفرت- ٻيجان.
خِصالْ، ذ (ع. "خصلت" جو جمع) عادتون- لڇڻ. اعمال.
خَصالتَ، ث (ع) خصلت- عادت- خُو. سُڀاءُ- مزاج. خوبي. طبيعت.
خَصائِلَ، ذ (ع. "خصلت" جو جمع) عادتون- لڇڻ.
خَصَمْ، ص (ع) مخالف- ويري. گهر وارو- مُڙس.
خصُوصا، خُصُوصِي، ظ (ع) خاص ڪري- خاص طرح.
خُصُوصِيَتَ، ث (ع) خاص گڻ- خاص صفت. خاصيت.
خُصُومَتَ، ث (ع) دشمني- عداوت. بغض. جهيڙو.
خَصِي، ص (ع) ڪُٽ ڪيل (جانور). کَسِي.
خَصِي ڪرڻ، بي همت ڪرڻ. مڙسيءَ کان وِهارڻ.
خَصِيو، ذ (ع) آنُورو- فوطو.
خِضابْ، ذ (ع) اڇن وارن کي ڪارو ڪرڻ جو خاص رنگ- ڪيسْ.
خِضْر، ذ (ع) هڪ پيغمبر سڳورو (جنهن آب حيات پيتو ۽ قيامت تائين زنده رهندو). (ص) رهبر.
خُضوعْ، ذ (ع) عاجزي. آزي- منٿ. نيزاري.
خَطْ، ذ (ع) ليڪو. چٺي. لکيت. تحرير. ڏاڙهيءَ جي ريهہ.
خَطِ اِستوَاء، ذ. زمين کي الهندي ايرندي ۾ اڌ ڪندڙ خيالي ليڪ.
خَطْ پَٽْ، ذ. چٺي چپاٽي. حال احوال- سُڌ سماءُ.
خَطِ جَدِي، ذ. خط استوا کان ساڍا ٽيويهہ درجا ڏکڻ واري خيالي ليڪ (جنهن تائين سياري ۾ سج هلي).
خَطْ خُطوط، ذ. چٺيون چپاٽيون- خط پٽ.
خَطِ سَرطانْ، ذ. خط استوا کان ساڍا ٽيويهہ درجا اُتر

واري خيالي ليڪ (جنهن ٿائين اونهاري ۾ سج هلي).

خَطِ طُغرِي؛ ذ. بادشاهي فرمان لکڻ لاءِ پيچيده تحرير جو هڪ نمونو.

خَطُ ڪتابَتَ؛ ث. چِٺي چپاٽي- خط پٽ. لِکپڙهہ.

خَطُ مُتوازِي؛ ذ. ٻيءِ لِيڪَ سان برابر مفاصلي تي هلندڙ ليڪ- ٻُور وچوٽ ليڪ.

خطُ وَٺائڻ؛ ڏاڙهيءَ جي سنوارت ڪرائڻ.

خَطا؛ ث (ع) ڀُل چُڪَ- غلطي- سَهوَ. ڏوهہ- قصور. گناهہ.

خَطا ٿيڻ؛ ڀُلَ ٿيڻ. گُسي وڃڻ (نشانو). وهڻ (پيشاب).

خَطاپوشُ؛ ص. گناهن تي پردو وجهندڙ. عيب ڍڪيندڙ.

خَطاوارُ خَطاڪار؛ ص. ڏوهي- گنهگار.

خِطابُ؛ ذ (ع) گفتگو- ڳالهہ ٻولهہ. مخاطب ٿيڻ. تعريفي لقب.

خِطابُ ڪرڻ؛ وعظ ڪرڻ. تقرير ڪرڻ.

خِطابَتَ؛ ذ (ع) خطبو پڙهڻ. وعظ. خوش بياني.

خُطبُو؛ ذ (ع) وعظ. تقرير. جمعي نماز ۽ عيد نماز جي موقعي تي پيش امام جي طرفان حمد و ثنا ۽ نصيحت واري تقرير.

خَطِيبُ؛ ذ (ع) خطاب ڪندڙ. تقريرون ڪندڙ. واعظ. خطبو ڏيندڙ.

خُطُوطُ؛ ذ (ع. 'خط' جو جمع) خط پَٽ.

خَطرناڪ؛ ص. ڀوائتو- خوفناڪ.

خَطرو؛ ذ (ع) ڊپ- خوف. انديشو.

خِطو؛ ذ (ع. خِطه) پرڳڻو. موري ۽ سڪرنڊ وارو علائقو.

خَطِيبُ؛ ذ (ع) خطبو پڙهندڙ شخص. واعظ- مبلغ.

خَطِيرُ؛ ص (ع) گهڻو- جهجهو- زياده.

خَفا؛ ص (ف) بيزار. ناراض.

خفا ڪرڻ؛ بيزار ڪرڻ. ورچائڻ. ناراض ڪرڻ.

خَفتُ؛ ذ. خفقان. ڳِڻتي. ٻِچار. سوداءُ. جُنون. شوق.

خَفتي؛ ص. خفقاني - سودائي. شوقين. ڪڪڙ ڏاريندڙ ۽ ويڙهائيندڙ.

خِفّتِ؛ ث (ع) هلڪڙائي. پشيماني. ذلت. شرمندگي.

خُفتَه؛ ص (ف) سُتل. غافل.

خفقان، خفخان؛ ذ. (ع) ڌڙڪو (دل جو). سوداءُ- وهم. ماليخوليا. چريائي.

خفقان ڇڪائڻ؛ آجايا ڀهہ ڇڪائڻ. اجاين خيالن ۾ پاڻ کي خوش ڪرڻ.

خفقاني؛ ص. سودائي. وهمي.

خَفِگِي؛ ث (ف) بيزاري. وِرچ. ناراضگي.

خَفو؛ ذ (ف) بيزاري- ورچ. ويچار- ڳِڻتي. سوداءُ.

خَفي؛ ظ. بيزار- ڪَڪ- وِرتل. ماندو.

خَفي ڪرڻ؛ بيزار ڪرڻ- هلاڪ ڪرڻ.

خَفِي؛ ص (ع) لڪل- ڳجهو (ذڪر).

خُفيو؛ ص (ع) لڪل- ڳجهو- پوشيدو. مخفي.

خَفِيفُ؛ ص (ع) هلڪڙو. گهٽ- ٿورو. حقير- خسيس.

خَلا؛ ذ (ع) خالي جاءِ. وِٿي- خال. اها جاءِ جتي هوا نہ هجي. زمين ۽ آسمان جي وچ وارو پولارُ.

خَلاصُ؛ ص (ع) آزاد- ڇُٽل. آجو- فارغ. ختم.

خَلاصِي؛ ث. آزادي- ڇوٽڪارو- رهائي.

خُلاصو؛ ذ (ع) اختصار- تَتُ. نتيجو- حاصل مطلب. (ص) ويڪرو- موڪرو. خاص- نجو- شخصي. اڪيلو- الڳ.

خُلاصائي، خُلاصگِي؛ ث. ويڪرائي- ڪشادگي. واندڪائي. اڪيلائي.

خَلاصِي؛ ذ. بحري جهاز جو هڪ ننڍو ملازم. سامان

يوئيندڙ ۽ ان جي حفاظت ڪندڙ ملازم.
خِلافُ؛ ص (ع) پٺيرو- مخالف. ابتڙ- برعڪس. (ذ) اختلاف.
خِلافَ بَياني؛ ث. مخالفت ۾ ڳالهائڻ. ابتڙ ڳالهه (سچ جي). ڪوڙ.
خِلافِ دَسْتورُ؛ ظ. عادت جي ابتڙ. قانون جي ابتڙ.
خِلافِ شَرعِ؛ ظ. شريعت جي ابتڙ- ناجائز.
خِلافِ طَبعَ؛ ظ. مزاج جي خلاف.
خِلافِ وَرزِي؛ ث. قاعدي جي ڀڃڪڙي. اصول جي برخلاف.
خِلافِ وَضعِ؛ ظ. طريقي ۽ عادت جي ابتڙ. رسم رواج جي برعڪس.
خِلافَتَ؛ ث (ع) جاءِ نشيني (نبي يا ولي جي). خليفي جو عهدو. بادشاهت.
خِلافَتَ راشِدَه؛ ث. نبي سڳوري جي چئن جاءِ نشين اصحابن ۽ خليفن جي حڪومت ۽ ان جو عرصو.
خِلافَتي؛ ث. ترڪيءَ جي عثمانيہ حڪومت ڪي وري قائم ڪرائڻ لاءِ ١٩٢٠ع ۾ هندوستان ۾ هلچل هلائيندڙ (مسلمان).
خَلاقُ؛ ص (ع) وڏو پيدا ڪندڙ- خلقيندڙ.
خِلالُ؛ ص (ع) ڏند ڪوٺڻي. وضوءَ ۾ ڏاڙهيءَ جي وارن، آڱرين جي وچن ۾ پاڻي ڏيڻ جو رڪن.
خَلائِقُ؛ ذ (ع. "خلقت" جو جمع) مخلوقات- ماڻهو. طبيعتون- مزاج.
خُلَّتُ؛ ذ (ع) گهاٽي دوستي. محبت. دوست.
خَلجانُ؛ ذ (ع) ڏڙڪو. انديشو. ويچار. ٻُڌتر.
خُلدُ؛ ذ (ع) هميشہ رهڻ واري جاءِ. بهشت- جَنت.
خُلد آشيانُ، خُلدَ مَڪاني؛ ص. بهشت ۾ رهندڙ- جَنتي. مرحوم.

خُلد بَرِين؛ ذ. سڀ کان مٿاهون بهشت- فردوس اعليٰ.
خَلِشَ؛ ث (ف) چُڀڪار (ڪنڊي جو). ڪنڊو. رنجش. بغض.
خَلطُ؛ ذ (ع) ملاوت- آميزش.
خَلطُ مَلطُ؛ ظ. گاڏڙ ساڏڙ- گڏوچڙ.
خِلطُ؛ ذ (ع) جسم ۾ چئن رطوبتن مان ڪابہ هڪ (صفرا، سودا، بلغم، رت).
خِلعُ؛ ذ (ع) حق مهر وٺڻ کان سواءِ ورتل طلاق.
خِلعَتَ؛ ث (ع) بخشش طور مليل پوشاڪ. بادشاه يا بزرگ کان عزت افزائي طور مليل لباس- سَروپا.
خِلعَتِ فاخِره؛ ث. اعليٰ سروپا. نفيس لباس.
خَلَفُ؛ ذ (ع) جاءِ نشين- قائم مقام. وارث. پُٽ. فرمانبردار.
خُلَفاء؛ ذ (ع. "خليفہ" جو جمع) خليفا. جاءِ نشين. پوئلڳ.
خُلَفاءِ راشِدِين؛ ذ. رشد ۽ هدايت وارا خليفا (حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان غني ۽ حضرت علي ڪرم الله وجه).
خَلقَ؛ ث (ع) انسان ذات- ماڻهو. مخلوق. ماڻهن جو انبوهہ.
خَلق ڪِلاڻُ؛ خوار ٿيڻ. بدنام ٿيڻ.
خُلقُ؛ ذ (ع) سُڀاءُ- مزاج. اخلاق. سلڇڻائي. عزت پرڻ اُٿي ويهڻي.
خَلقَتَ؛ ث (ع) ماڻهو. مخلوق. ماڻهن جو انبوهہ.
خِلقَتَ؛ ث (ع) پيدائشي سُڀاءُ. سرشت- فطرت. قدرت.
خَلقَڻُ؛ م. پيدا ڪرڻ- اُپائڻ. ناهڻ- بنائڻ.
خَلقَڻهارُ؛ ص. پيدا ڪندڙ. (ذ) خدا تعاليٰ.

خَلَلُ، ذ (ع) رخنو– اٽڪاءُ. ٽوٽ– وٿي. چيرُ. فتور. ڦيٽارو. خرابي. بيماري. مونجهارو. فساد. آزار. خامي.

خَلَل اندازي، ث. هٿ چُراند. اٽڪاءُ. فتور.

خَلَلُ جاڳائڻ، رنڊڪ وجهڻ. جهيڙو مچائڻ. فساد پيدا ڪرڻ.

خَلَمُ، ذ. رولو. مانڌاڻ– آزار. نقصان.

خَلَمُ پارڻُ، آزار پيدا ڪرڻ. رولو وجهڻ. فساد مچائڻ.

خِلوَتَ، ث (ع) تنهائي– اڪيلائي. اڪيلائي وارو هنڌ. گوشه نشيني.

خِلوت پسندُ، ص. اڪيلائي پسند ڪندڙ.

خِلوَتَ خانو. خلوَت گاه، ذ. اڪيلائي واري جاءِ. خوابگاه.

خِلوَت نشين، ص. گوشه نشين. تارڪ.

خُلوُصُ، ذ (ع) سچي دوستي. سچائي. وفاداري.

خَليجُ، ذ (ع) اُپسمنڊ. وڏي ويڪري ڊگهي سامونڊي گهار.

خَليفو، ذ (ع) جاءِ نَشين– قائم مقام (بادشاه يا درويش جو). عيوضي. خدا جو نائب (جيڪو ملڪ جي حڪومت هلائي).

خَليقُ، ص (ع) پيدائشي نيڪ سڀاءُ وارو. خوش اخلاق. سُلڇڻو.

خَليلُ، ص (ع) سچو دوست.

خَليلُ الله، ذ. الله جو دوست (حضرت ابراهيم عليه السلام جو لقب).

خَمُ، ذ (ف) ڏنگُ– ٽيڙ. وَرُ– موڙ.

خمدارُ، ص. ڏنگو– مُڙيل. ور وڪڙ وارو– پيچدار.

خُمُ، ذ (ف) شراب جو مَٽُ– دُنگ.

خُمخانو، ذ. شراب خانو– ميڪدو.

خُمارُ، ذ (ع) نشو– ڪيفُ. نشي جي مستي. نشي جو سُرورُ. نشي لهڻ کان پوءِ سُستي. ڳَهر (تند).

خُمارُ آلودُ، ص. نشي ۾ چُور– خماريل.

خُمارِجَڻُ، م. نشي ۾ اچڻ. ڳهرجڻ (تند ۾).

خُماري، ث. خمار– نشو.

خَمرُ، ذ (ع) انگورن جو سنڌيل رَسُ. شراب.

خُمسُ، ذ (ع) پنج عدد. پنجون حصو. مال غنيمت جو پنجون حصو (جيڪو غريبن ۽ يتيمن لاءِ وقف ڪجي).

خَموشُ، ص (ف) خاموش.

خَمِيازو، ذ (ف) بدلو– عيوض. نتيجو (عمل جو).

خَميده، ص (ف) ڏنگو– ڦڏو– مُڙيل.

خَميرُ، ذ (ف) گهڻو وقت رکڻ ڪري کٽي ٿي ويل شيءِ (خصوصا ڳوهيل اٽو). سَتُ– جوهر. بناوت. سرشت. فطرت. مزاج. جسم جي مٽي.

خَميرو، ذ (ع) ڳوهيل پاروتو اٽو. چاش ۾ پڪل معجون.

خَميسَ، ث (ع) هفتي جو پنجون ڏينهن.

خَناسُ، ذ (ع) شيطان. جِنُ. خبيث روح. (ص) بدڪار. فسادي.

خُناقُ، ذ (ع) ڳچيءَ جي هڪ بيماري.

خُنامُ، ذ. مرض. مصيبت– آزار. فساد. نقصان. گهوڙي ۽ ڳُڏهه جي هڪ بيماري.

خَنجَرُ، ذ (ف) وڏو ڇُرو. ڪٽارَ.

خَندانُ، ص (ف) کلندڙ. خوش.

خَندَقَ، ث (ع) دشمن جي لشڪر کان بچاءَ لاءِ چوڌاري کوٽيل کاهي.

خَندو، ذ (ف) کِلَ. ٺٺول– چٿر.

خَندهَ، ص (ف) کِلندڙ.

خَندهَ پيشاني، ث. کِل مکائي. خوشمزاجي.

خَندهَ رُو؛ ص. کل مک- کِلڻو. خوش اخلاق.
خَندهَ زَني؛ ث. چِٽر- ٺٺول.
خَنزِيرُ؛ ذ (ع) سُوئر- مِرون.
خُنڪُ؛ ص (ف) ٿڌو- سَرد.
خُنڪارَ؛ ث (ف) ٿڌڪار- ٺارُ. خوشي. فرحت. مستي- خمار. هوشياري.
خُنڪِي؛ ث. ٿڌڪار- ٺار. تازگي. چُستي. هوشياري- سجاڳي.
خُنڪِي ڏيڪارڻ؛ ڪڙائي ڏيڪارڻ. آڪڙ ڏيڪارڻ. هشناڪي ڪرڻ.
خُوءِ؛ ث (ف) سُڀاءُ- خصلت. عادت. روش.
خُوگرُ؛ ص. عادي- هيراڪُ. چاهيندڙ. طلبگار.
خوابُ؛ ذ (ف) ننڊ. سپنو- سُهڻو. تصورُ. گمان.
خواب ٿيڻ؛ غائب ٿيڻ. گم ٿيڻ.
خواب خِيالُ؛ ذ. وهم گمان. سوچ ويچار.
خوابگاهُ؛ ث. سمهڻ جو ڪمرو. خلوت گاهُ.
خواب لهڻ؛ سپنو ڏسڻ. اوچتو ڪا ڳالهہ خيال ۾ اچڻ. وهم ٿيڻ. اُميد رکڻ.
خوابِيدَهُ؛ ص. سُتل. غافل. سُست- ڪاهل.
خواتِين؛ ث (ع. 'خاتون' جو جمع) عورتون.
خواجہ. خُواجہ؛ ذ (ف) آقا- مالڪ. سردار.
خواجہ سَرا؛ ذ. نامرد غلام (جيڪو بادشاه يا امير جي حويليءَ جو خاص ملازم هجي).
خَوارُ؛ ص (ف) پِياڪُ (مرڪب لفظن ۾ ايندڙ صفاتي پڇاڙي؛ شيرخوار، خونخوار وغيره).
خُوارُ؛ ص (ف) بدنام- رُسوا. رولُو. دربدر.
خُوارِي؛ ث (ف) بدنامي- رسوائي. ڪِلا. ذلت. آوارگي.
خُوارِيءَ ڪاڏو؛ ص. بدنام- رسوا. ذليل.

خَواستَ؛ ث (ف) عرض- گذارش. التجا- سوال. طلب. چاهہ. خواهش.
خواستگار؛ ص. چاهيندڙ- طلبيندڙ. خواهشمند. گهرجائو. اميدوار.
خواستگارِي؛ ث. چاهت- آرزو. طلب.
خَواصُ؛ ذ (ع. 'خاصُ' جو جمع) چونڊ شخص. امير امراء. خصوصيتون.
خوان؛ ص (ف) پڙهندڙ. ڳائيندڙ (جيئن تہ؛ ثناخوان، مدح خوان وغيره).
خوانِي؛ ث. پڙهڻ جو ڪم- پڙهائي (مثلاً؛ قرآن خواني، ثناخواني وغيره).
خُوانچو؛ ذ (ف) مانيءَ رکڻ لاءِ وڏو ٿالهہ. گهورڙيي جي شيءِ رکڻ لاءِ ٿالهہ.
خُواندگِي؛ ث (ف) پڙهائي- تعليم.
خُواندَو؛ ص (ف) پڙهيل. ڄاڻو.
خَواهُ؛ ص (ف) گهورو- چاهيندڙ. طالبو. (حرف) يا- توڙي. پڻ. نہ تہ.
خواه مخواه؛ ظ. هرويرو. بي سبب.
خواهانُ؛ ص (ف) چاهيندڙ- خواهشمند. طالبو.
خواهَشَ؛ ث (ف) گهُرَ- طلب. چاهہ- سَڌ. مرضي. شوق. تمنا- آرزو.
خواهش مندُ؛ ص. چاهيندڙ- گهرُندڙ. گهُرجائو- ضروتمند.
خواهَرَ؛ ث (ف) ڀيڻ- همشيره.
خُوبُ؛ ص (ف) سنو- بهتر. عمدو. وڻندڙ. سهڻو. اعلي.
خُوبَترُ؛ ص. وڌيڪ سنو- بهترين.
خُوبرُو؛ ص. سهڻو- حسين.
خوب سِيرَتَ؛ ص. سلڇڻو. نيڪ اعمال. فضيلت

وارو.

خُوبصورَت: ص. سهڻو- حَسِين.

خُوبصُورَتِي: ث. سهڻائي. سونهن- حُسن- جمال.

خُوبِي: ث (ف) سُٺائي- بهتري- ڀلائي. نيڪي. خاصيت. لياقت. چڱائي.

خوجو: ذ. 'خوجا' قوم جو فرد. آغاخان جو پوئلڳ.

خُودُ: (اچار=خُدُ): ض (ف) پاڻ- آپ.

خُودُ: ذ (ف) جنگ ۾ بچاءَ لاءِ لوهي ٽوپ- هول.

خُودبَخُودُ: ظ. پنهنجو پاڻ. پاڻ مرادو. ازخود. قدرتي طرح. جاني واڻي.

خُودبِينُ: ص (ف) فقط پاڻ کي ڏسندڙ. مغرور.

خُودبِينِي: ث. مغروري. وڏائي- تڪبر.

خُودثنائِي: ث (ف) پاڻ کي پڏائڻ- پاڻ کي ساراهڻ.

خُوددارُ: ص (ف) پاڻ آڏار. غيرتمند. پاڻ کي ڪريل حرڪتن کان بچائيندڙ. پنهنجي عزت جي ساک رکندڙ.

خُودداري: ث. پنهنجي عزت ۽ وڏائي جي حفاظت. غيرت.

خُودرُو: ص (ف) پاڻهي پيدا ٿيندڙ (ٻوٽا. اوڙ).

خُودساخَتہ: ص (ف) پنهنجو ٺاهيل. پاڻهي پاڻ ٺهيل.

خُودستائي: ث (ف) پنهنجي تعريف. خودثنائي.

خُودسَرُ: ص. پاڻ وهيڻو. ضدي- هوڏي. سرڪش.

خُودسَرِي: ث. هٺ- ضد. سرڪشي. خودمختياري- ڇڙواڳي.

خُودُ غَرَضُ: ص. پنهنجي غرض وارو. فقط پنهنجو فائدو ڳوليندڙ. مطلبي. لالچي.

خودِغَرَضِي: ث. پنهنجو مطلب. پنهنجي فائدي جي طلب. لوڀ.

خودِ فَراموشي: ث. پاڻ کي وسارڻ. غفلت. بي غرضي.

خُودِڪُشِي: ث. پاڻ کي مارڻ. آپگهات.

خُودمُختار: ص. پنهنجي مرضي وارو. ڇڙواڳ- آزاد.

خُودمُختاري: ث. آزادي- ڇڙواڳي.

خُودِنُمائي: ث. پاڻ پڌائڻ. وڏائي- ٽاڻ. آڪڙ.

خُودِياوَري: ث. پنهنجي مدد- پنهنجي همت. پاڻ تي ڀاڙڻ.

خُودِي: ث (ف) پاڻ پڻو- آپو- انانيت. احساس برتري. فخر- وڏائي. غرور- هٺ. خودداري.

خُودي ڏيکارڻ: اختيار ڏيکارڻ. وڏائي ڏيکارڻ. مغروري ڏيکارڻ.

خوراڪَ: ث (ف) کاڌو- کاڄ. مغزيات ڀيل غذا.

خوراڪي: ص. گهڻو کائيندڙ. سٺو کاڌو کائيندڙ. سٺي کاڌي جو شوقين.

خُوردُ: (اچار=خُردُ): ذ (ف) کاڌو- کاڄ.

خُورد نوش: ذ. کاڌو پيتو. دالو پاڻي.

خُورد: ص (ف) ننڍو. ٿورو. گهٽ.

خُوردبيني: ث. ننڍي شيءِ کي وڏو ڪري ڏيکاريندڙ اوزار.

خُوردسال: ص. ننڍيءَ عمر جو- صغير.

خُورد وڪَلان: ص. ننڍو وڏو.

خُوردَو: ذ (ف) ننڍا سِڪا. ڇُڙيا پئسا. ريزگاري.

خُورسَندُ: ص (ف) خوش- سرهو. سکيو- آسودو.

خُورش: ث (ف) غذا. کاڌو- کاڄ.

خُورشِيدُ: ذ (ف) سج- آفتاب.

خُوشَ: ص (ف) سَرهو- شاد. راضي. مطمئن. سکيو- آسودو. چڱو ڀلو- تندرست.

خُوش آمَدِيد: ذ. ڀليڪار- مرحبا. ڀلي ڪري آيا.

خُوش آينده: ص. دل کي وڻندڙ- خوش ڪندڙ.

خُوشْ آخلاقْ؛ ص. سهڻن لڇڻن وارو. اخلاق وارو.
خُوشْ اُسلُوبْ؛ ص. سُٺي طريقي وارو. سهڻي نموني.
خوش آطوارْ؛ ص. سٺين عادتن وارو. فضيلت وارو.
خُوش اِلحانْ؛ ذ. وڻندڙ ۽ مِٺي آواز وارو. سُريلو.
خُوس آندامْ؛ ص. سهڻن عضون وارو. سُڊول. نازڪ بدن.
خُوش باشْ؛ ص. خوش رهندڙ. سکيو آسودو. تندرست. بيفڪر.
خُوش بَخت؛ ص. سڀاڳو.
خُوش بَيان؛ ص. سُٺو ڳالهائيندڙ. شيرين گفتار. اثر واري تقرير ڪندڙ.
خُوش پوشْ، خوش لِباس؛ ص. وڻندڙ لباس ڍڪيندڙ.
خُوشحالْ؛ ص. سکيو آسودو. هُوند وارو- مالدار.
خوشحالي؛ ث. سُک آسودگي. دولتمندي.
خُوشخبَري؛ ث. خوشيءَ واري خبر. بشارت- نَويد. مُبارڪ.
خُوش خَرامِي؛ ث. سُهڻي ٽور. ناز واري هلڻي.
خُوش خِصالْ؛ ص. وڻندڙ خصلتن وارو. اخلاق وارو.
خُوشخَطْ؛ ص. سٺا اکر لکندڙ. (ذ) سهڻا اکر.
خُوشخَطي؛ ث. سهڻي لکڻي- عمدي تحرير. ڪتابت.
خُوش خُلقْ؛ ص. سُٺي سڀاءَ وارو. رلڻو ملڻو. لحاظ وارو.
خُوش خوراڪ؛ ص. گهڻو کائيندڙ. سٺو کاڌو کائيندڙ. کاڌي جو شوقين.
خُوش دِلي؛ ث. دل جي پسندي. دل کي وڻندڙ عمل. کل يوگ.
خُوش ذائقہ؛ ص. سُٺي سواد وارو. لذيذ- سوادي.
خُوشطَبَعْ؛ ص. سُٺي مزاج وارو. کِل مُک- يوڳائي.
خُوشطَبِي؛ ث. کِل مسخري. چرچو گهَبو.
خُوش قسمَت؛ ص. سڀاڳو- نصيب وارو.
خوشقِسمتي؛ ث. سڀاڳ- بختاوري.
خُوش گُفتارْ؛ ص. سُٺو ڳالهائيندڙ. سهڻي گفتگو ڪندڙ.
خُوش گُلو؛ ص. سُريلو. مِٺي آواز وارو.
خُوشگُوارْ؛ ص. طبيعت خوش ڪندڙ (ڳالهہ. کاڌو. ماحول). وڻندڙ (موسم). پسنديده.
خُوشمِزاجْ؛ ص. سهڻي سڀاءَ وارو. کِلمک- خوشطبع.
خوشمِزاجي؛ ث. چرچو گهبو- کِل يوڳ.
خوشنَصِيبْ؛ ص. سُٺي ڀاڳ وارو- سڀاڳو.
خوشنصِيبي؛ ث. سڀاڳ- نيڪ بختي.
خُوشنما؛ ص. سهڻي ڏيکاءَ وارو، وڻندڙ.
خُوشنُمائِي؛ ث. زيبائش- ڏيک ويک. سُهڻائي.
خُوشنُودْ؛ ص. خوش- سَرهو. سکيو آسودو.
خُوشنُودِي؛ ث. خوشي. راضپو. مرضي.
خُوشنوِيسْ؛ ص. سٺا اکر لکندڙ. سهڻو ڪاتب.
خُوش وخُرَمْ؛ ص. خوش باش. سکيو آسودو. تندرست.
خُوشامَدِ؛ ث (ف) آترياءَ- تَواضع. حد کان وڌيڪ آترياءَ. چاپلوسي.
خوشامَدِي، خُوشامَدڙيو؛ ص. خوشامد ڪندڙ. اجائي تعريف ڪندڙ. چاپلوس.
خُوشبُو؛ ث (ف) سڳند- سُرهاڻ. عطر وغيره.
خوشبودار؛ ص. سڳند وارو- سُرهو. مُعطر.
خوشہ؛ ذ (ف) سَنگُ (پوک جو). ڇڳو (ٻاک جو).

خوشه چينُ: ص. چُوندو ڪندڙ. فائدو وٺندڙ. فيض حاصل ڪندڙ.

خُوشي: ث (ف) سَرهائي. سک- راحت. مرضي.

خُوشي ڪرڻ: جشن ڪرڻ. ڪاج ڪرڻ. دعوت ڪرڻ.

خَوضُ: ذ (ع) غوطو. فڪر- ويچار. تحقيق- کوجنا.

خَوفُ: ذ (ع) ڊَپُ- ڊِڄُ. خطرو- انديشو. الڪو. هِراسُ.

خوفائتو: ص. ڊپ وارو- ڀوائتو. خطرناڪ.

خَوفزَده: ص. ڊنل- هِراسيل.

خَوفناڪُ: ص. ڀوائتو- ڊپ وارو. ڀيانڪ.

خولُ: ذ (ف) کَلَ- غلاف- پوشُ.

خُونُ: ذ (ف) رَتُ- لَهُو. قتل.

خُونَ آشام: ص. رت پيئندڙ- خونخوار.

خُون آلود: ص. رت هاڻو. رت ۾ ٻريل.

خُونَ بَها: ث. مقتول جي وارثن کي خون جي عيوض مليل رقم- دِيَت.

خُون پِيَڻُ: رت چُوسڻ. قتل ڪرڻ. آزارڻ.

خُونَ خَرابو: ذ. رتوڇاڻ- خُونريزي. جهيڙو جنگ.

خُونريز: ص. رت وهائيندڙ. قاتل. ظالم.

خُونريزي: ث. رت ڇاڻ- قتل عام.

خُونُ خشڪ ٿيڻ: ساهه سُڪي وڃڻ. خوف ڇانئجي وڃڻ. ڊپ ۾ حواس گم ٿيڻ.

خُونخوارُ: ص. رت پياڪ. وحشي. بيرحم. ظالم.

خُونُ ڪرڻ: قتل ڪرڻ. ڪُهڻ- مارڻ.

خُونَ وَهائڻ: رت وهائڻ. رتوڇاڻ ڪرڻ.

خُوني: ص. خون ڪندڙ. قاتل. ظالم- بيرحم.

خُوء: ث (ف) سُڀاءُ- مزاج عادت- خصلت. روش.

خويشُ (اَچار= خيش): ذ (ف) پـــاڻ- خود. ڀينهنجو. مائٽ- عزيز.

خيابانُ: ذ (ف) باغ مان ويندڙ رستو. ريگستان ۾ آباد باغ. باغ- چمن. وَسڻ- آبادي.

خيالُ: ذ (ع) ذهن ۾ آيل ڳالهه- تصور- ڌيان. توجهه. ٻُور- ارادو. راءِ. سمجهه. مرضي. راضپو. شوق. ڳڻتي- فڪر. گمان- شڪ. انديشو.

خيال پچائڻ: ٻُور پچائڻ. رٿون رٿڻ.

خيال رکڻ: ڌيان رکڻ- توجهه ڏيڻ. سنڀال ڪرڻ- حفاظت ڪرڻ. ياد رکڻ.

خيال ڪرڻ: ويچار ڪرڻ- غور ڪرڻ. اندازو لڳائڻ. سنڀال ڪرڻ. لحاظ ڪرڻ.

خيالي: ظ. تصوراتي. گماني. اندازي موجب.

خيالاتَ: ذ (ع. 'خَيال' جو جمع) خيالَ. ٻُورَ. ويچارَ. وهم. ارادا.

خيانَتَ: ث (ع) گهوٻي (امانت ۾). بدديانتي- ڪُپت. ڇَٽ. ويساهه گهاتي.

خَيرُ: ذ (ع) چڱائي- ڀلائي. نيڪي. ثواب. سلامتي. عافيت- تندرستي. سک. ڀيڪَ- دانُ. (ظ) نيڪ- درست.

خَيرُ البَشر. خَيرُالوَرىٰ: ذ. انسان ذات ۾ ڀلارو انسان (حضرت محمد صلي الله عليه وسلم).

خَيرُالعَمَلُ: ذ. چڱو ڪم. ثواب جو ڪم.

خَيرانديشُ: ص. ڀلائي چاهيندڙ.

خَيرباد: ذ. خير هجي. خدا حافظ- الوداع.

خَيربَرڪَت: ث. نيڪيءَ ۾ واڌارو. خوشيءَ جي مبارڪ ۾ ورندي.

خَير خَبَر: ث. سٺي خبر. عافيت جو احوال. نيڪ احوال. خوشخبري.

خَيرخواهُ: ص. ڀلو چاهيندڙ- گهڻگهرو. همدرد.

نيڪ نيت.
خَيرخواهي: ث. ڀلو چاهڻ- ڀلائي- نيڪي.
خَيرخَيرات: ث. دان پُن.
خَيردلالي: ث. خير جو ڪم. نيڪي جو ڪم.
خَير عافيت: ث. سلامتي. سک سانت. امن امان.
خَيرِڪو: ظ. غيرموجود. نه.
خَيرڪيهي: ث. خوش خير عافيت. ڪيڪر.
خَير گهرڻ: سلامتيءَ جي دعا گهرڻ. ڀلائي چاهڻ.
خيرمَقدَم: ذ. خوش آمديد- آجيان. استقبال- آڌرڀاءُ.
خَيري: ص. خيروارو. سلامتيءَ وارو. امن وارو. نيڪ. عورت جو نالو.
خَيراتَ: ث (ع. 'خير' جو جمع) نيڪيءَ جا ڪم. نيڪيون- ڀلايون. ثواب جو ڪم. دان- ڀيک. صدقو.
خَيرات ڏيڻ: دان ڏيڻ. صدقو ڏيڻ.
خَيراتي: ص. بنا معاوضي- مفت. مفت جو.
خَيرو: ذ (ع) هڪ قسم جو گل. مرد جو نالو.
خَيرِيَت: ث (ع) نيڪي. ڀلائي- چڱائي. سلامتي. امن. عافيت. تندرستي.
خِيرگي: ث (ف) اکين آڏو اونده يا ترورا (چمڪات جي نتيجي ۾). اکيون ڪيريون ٿيڻ.
خِيرَه: ص (ف) چمڪات ٿيڻ بعد اکين اڳيان اونداهي وارو (اثر). چُنجهين اکين وارو. واٽڙو.
خَيز: ص (ف) اُٿاريندڙ. پيدا ڪندڙ (مرڪب لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ جئن ته: مردم خيز. زرخيز وغيره).
خَيلُ: ذ (ف) سوارن جو رسالو- جٿو. جماعت. ٽبيلو.
خيمو: ذ (ع) طنبُو.
خيما کوڙڻ: طنبُو هڻڻ. منزل ڪرڻ. رهائش اختيار ڪرڻ.
خَيمَه دوزُ: ص. طنبو ٺاهيندڙ.
خيمَه گاه: ذ. جتي طنبو لڳل هجن- ڪئمپ.

د

د: ث (ع.ف) اچار "دال". سنڌي "الف- بي" جو اوڻيهون اکر. عربيءَ جو اٺون ۽ فارسيءَ جو ڏهون اکر. ابجد موجب عدد (۴).
دابُ: ذ. مٿيون زور- مٿان کان هيٺ تي دٻاءُ. ڪائين يا ٻين ڪن شين کي پيهائڻ وارو دٻاءُ. دابو.
دابُ رکڻ: رعب جمائڻ- حشمت وهارڻ.
داباٽو: ص. گاڏيءَ جي اڳئين حصي ۾ يا هڪ پاسي وڌيڪ بار پيل.
دابڙو: ذ. تختو. ڏرهو (ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ).
داٻلو: ذ. ڪاٺ يا ٽامي جو ڍڪ سان گول دٻلو.
دابو: ذ. زور- دٻاءُ. رعب، سفر ۾ ٿوري ساهي پٽڻ- ٻابو.
دابو ڏيڻ: مٿان زور وجهڻ- دٻاءُ وجهڻ.
دابو وهارڻ: رعب جمائڻ.
دابوٽي: ث. سنهي پيٺل کنڊ (ڳنڍين ڳوڙهن واري).
داتا: ص (سن) ڏيندڙ. ڏاتار. سخي. خدا تعاليٰ.
داخلُ: ص (ع) اندر ويل- گهڙيل. پيهي ويل. شامل. جي درج ڪيل (ڪتاب ۾. دفتر ۾)؛ "دفتر داخل".

(ظ) اندر– منجهه.
داخل ڪرڻ، اندر وجهڻ. گهيڙائڻ– لنگهائڻ. شامل ڪرڻ. درج ڪرڻ.
داخِلا، ث (ع) اندر وڃڻ يا شامل ٿيڻ جي منظوري. اندراج (ڪتاب ۾). شموليت.
داخِلا فِي، ث. داخل ٿيڻ جي فِي. رجسٽر ۾ لکجڻ جي فِي.
داخِلي، ص. اندريون– اندروني. خانگي (معاملو).
دادُ، ذ (ف) بخشش– عطا. انصاف– عدل– فيصلو. تحسين– شاباس– آفرين.
دادخواه، ص (ف) انصاف گهرندڙ. فريادي– دانهين.
داد ڏيڻ، ڪنهن جي هنر ۽ ڪمال جي تعريف ڪرڻ– واهه واهه ڪرڻ.
داد رَسِي، ث. انصاف– عدل. حق رسي.
داد فَريادُ، ذ. عدل انصاف لاءِ دانهن ڪُوڪَ.
داد ڪرڻ، فيصلو ڪرڻ. انصاف ڪرڻ. نياءُ ڪرڻ.
داد نه فرياد، ذ. پڇا نه ڳاڇا. انڌير– ظلم.
داداگِيرُ، ص. ڌوهاري. بدمعاش.
داداگِيري، ث. ڏاڍمڙسي– ارهه زوراڻي.
دادِرو، ذ. ڏاترو.
دادِلو، ص. لاڏ ڪوڏ سان نپايل– لاڏلو. پيارو. (ث. دادِلي).
دادُو، ذ. ماڻهو جو نالو. شهر ۽ ضلعي جو نالو.
دادو، ذ. وڏو ڀاءُ– اَدو. (ث. دادِي).
دار، ث (ف) سُوري.
دارُ، ذ (ع) گهر– محل. جاءِ– هنڌ. ماڳ.
دارُالآخرت، ذ. اڳيون ايندڙ جهان. پوءِ وارو جهان.
دارُ الاقامت، ذ. رهايش گاهه. بورڊنگ هائوس.
دارُ الامن، ذ. امن جو گهر. سلامتيءَ وارو هنڌ.
دارُ البَقا، ذ. هميشه قائم رهندڙ گهر. اڳيون جهان.
دارُ الخِلافت، ذ. گاديءَ جو هنڌ– تختگاهه.
دارالشِفا، ذ. شفاخانو– اسپتال.
دارالعُلوم، ذ. مدرسو– درسگاهه.
دارُالعَمل، ذ. عمل جي جاءِ– هي دنيا.
دارالفنا، ذ. فنا جو گهر. فاني جهان.
داروغو، ذ (ف) چوڪيدار– نگهبان. آبپاشي کاتي جو هڪ ملازم.
داروگِير، ث (ف) وٺ پڪڙ. پڇاڳاڇا. ڏکيو وقت.
داروَمَدارُ، ذ (ف) انحصار– پروسو.
دارُون، ذ. دوا– سُٽي ٽڪي. علاج. حيلو. بارود. شراب.
دارُون درمَلُ، ذ. سُٽي ٽڪي– علاج.
دارَين، ذ (ع) ٻئي جهان. دنيا ۽ آخرت.
دارُوُ، ص. سفارش ڪندڙ. شافع. حمايتي.
داسُ، ذ (سن) ٻانهو– غلام. نوڪر. چيلو. شاگرد.
داستانُ، ذ (ف) قصو– ڪهاڻي. حڪايت. نقل نظير. ڳالهه– بيان. ڏکهي ڳالهه.
داستان گو، ص. ڳالهه ڪندڙ– قصه خوان.
داستانو، ذ. داستان.
داسو، ذ. ڇت ۾ ڪم ايندڙ ڏگهي ڪاٺي– شهتير– ڪامَ.
داسِي، ث (سن) ٻانهي. نوڪرياڻي.
داشتهَ، ث (ف) وهاريل عورت– سُريت.
داعِي، ص (ع) سڏيندڙ. دعوت ڏيندڙ. مُبلغ. دعويدار. فريادي.
داعِي مُدَعِي، ذ. فريادي ۽ جوابدار.
داغُ، ذ (ف) نشان– چٽو. سڙڻ جو نشان– ڏنڀ. ٽڪو. گهاءُ. نقص– عيب (ميوي ۾). صدمو. ڪارنهن

جو ٽڪو- الزام. طعام کي گيھ جي لغار.

داغ اچڻ: ٽِڪو اچڻ- بدنامي ٿيڻ.

داغ ڏيڻ: جانور کي سڃاڻپ لاءِ ڏنڀ (نشان) ڏيڻ. صدمو رسائڻ.

داغِجَڻُ: م. ڇِٽو پوڻ. ميوي تي ڪارو نشان ٿيڻ. ڏنڀ اچڻ. الزام هيٺ اچڻ. ڏوهاري ٿيڻ.

داغِدارُ: ص. داغيل- داغي. عيبدار.

داغَڻُ: م. داغ ڪرڻ- نشان ڪرڻ. ڏنڀ ڏيڻ. عيبدار ڪرڻ. ٽِڪو لائڻ.

داغِي: ص. داغيل. ڏنڀ آيل. ڪِنو (ميوو)- سڙيل. عيبدار.

داغِي ڪرڻ: ٽِڪو لائڻ- ڪارو ڪرڻ. گنهگار ڪرڻ.

دافعُ: ص (ع) دفع ڪندڙ. ٽاريندڙ- هٽائيندڙ.

داڦَ: ث. ڇيٿي يا مٽيءَ جي ٿِڦَ. تازو لٽل وڏو ڇيٿو. مينهن جو ڇيٿو. گپ. پٽڙو گارو. اجايو ڳالهاءُ- ٻَڪ.

داڦ داڦڻ: واهيات ڳالهائڻ. ڪِنو ڳالهائڻ.

داڦڻُ: م. ڇيٿو يا مِٽي ٿِڦڻ. گهٽو ڳالهائڻ. اڻنگو ڳالهائڻ.

داڦوڙو: ذ. اَٽ جو پيڙُ.

داڦوڙا هڻڻ: وڏا ٽپ ڏيئي ڀڄڻ. بي ترتيب ۽ تڙتڪڙ ۾ ڪم ڪرڻ. غلط ڳالهائڻ ۽ جواب ڏيڻ.

داگُ: ذ. داغ.

داگِي: ص. داغي. خراب (ميوو).

داگڻُ: م. داغڻ.

داگينو: ذ. واپاري اصطلاح موجب ڳنڙي يا ڪنهن جنس جو ٽنگ.

دالِ: ث. ڏريل اَنُ (جيڪو ڀوڙ لاءِ رڌجي. ڇڻا. مٽر وغيره).

دال نہ ڳرڻ: وس نہ هلڻ. پهچ نہ هئڻ. مقابلو ڪري نہ سگهڻ.

دالِ روٽي، دال ماني: ث. غريبانو ڪاٽو. سادو گذران.

دالانُ: ذ (ف) وڏن محرابي دروازن وارو صُفو (جنهن کي ٽي دروازا هجن). اڱڻ- آڳند.

دالچِيني: ث (ف. دارچيني) مصالحي يا دوا طور ڪم ايندڙ هڪ وڻ جا سُڪا ڇوڏا.

دالِڙو: ذ. ڏهائي لاءِ ويڪري مُنهن وارو ٿانءُ.

دالو: ص. دادلو. پاليل (پکي، جانور).

دامُ اقبالهُ: شال سندس اقبال دائم رهي.

دامُ: ذ (ف) پکي ڦاسائڻ لاءِ ڦندو ڪوڙڪو. ڄارُ پنجوڙ. اگهہ- مُلهہ- قيمت.

دامَ ۾ اچڻ: ڦندي ۾ ڦاسڻ. فريب ۾ اچڻ.

دامُ وجهڻ: ڦاهي اڏڻ. ڦاسائڻ لاءِ مَنڊُ منڊڻ.

دامادُ: ذ (ف) ناٺي- ڄاٽو.

دامانُ: ذ (ف) دامن.

دامَنُ: ذ (ف) چولي يا پهراڻ جو آڳو. پَلئُ- جهولي. ڪنارو. جبل جي وَٽ.

دامَن جَهلڻُ: پلئہ کان جهلڻ. مدد وٺڻ. جهولي پکيڙڻ. پناه وٺڻ.

دامَنگِيرُ: ص (ف) پلئہ جهليندڙ. مدد گهرندڙ. دعويدار.

دامنگِيرِي: ث. حمايت- مدد. دعويٰ.

دامَنِي: ث. وچ- ڪنوڻ.

دانُ: ذ (سن) ڀيک- خيرات. نذرانو. تحفو.

دانُ پُنُ: ذ. خيرخيرات.

دانا، داناءُ: ص (ف) ڄاڻو. هوشيار- ڏاهو. عقلمند.

دانا بينا، ص. ڏسندڙ ۽ ڄاڻندڙ. خداتعاليٰ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ.

دانائي، ٿ (ف) ڄاڻ. ڏاهپ. هوشياري. عقل.

دانست، ٿ (ف) ڄاڻ. راءِ. سمجهه- سڃاڻپ.

دانستگي، ٿ. ڄاڻ- سمجهه- علم- عقل.

دانستہ، ظ (ف) ڄاڻي. ڄاڻي ٻجهي.

دانش، ٿ (ف) ڄاڻ- سمجهه. عقل. ڏاهپ. علم- وديا.

دانشمند، ص. ڏاهو- سمجهو- سيائو- عاقل. عالم.

دانشمندانه، ظ. عقلمندي وارو- ڏاهپ وارو.

دانشمندي، ٿ. ڏاهپ- سيائپ- عقل.

دانشور، ص. ڏاهو. عاقل. عالم. مفڪر. فلسفي.

دانشوري، ٿ. فڪر ۽ فلسفو. حڪمت ۽ دانائي.

دانگي، ٿ. نڪر جو ٿانءُ. (جنهن تي تٿي وانگر ماني پچائجي).

دانگي گهمائڻ، ڪارو منهن ڪرڻ. بڇڙو ڪرڻ. خوار ڪرڻ. شرمسار ڪرڻ.

دانہ، دانا، ذ (ف) داڻو.

دانهن، ٿ. رڙ- ڪُوڪ. شڪايت. انصاف يا امداد لاءِ سڏ.

دانهن ڪرڻ، رڙ ڪرڻ. فرياد ڪرڻ. گهوڙا گهوڙا ڪرڻ.

دانهن ڪوڪ، ٿ. داد فرياد. گهوڙا گهوڙا.

دانهوڙي، ص. دانهين. گهڻو دانهيندڙ.

دانهين، . دانهن ڪندڙ. فريادي- پڪاريندڙ.

داني، ص (سن) دانُ ڪندڙ. پيٽا ڏيندڙ. خيرات ڏيندڙ.

داڻ، ٿ. داڻا. ذرا. ٻُرٻُر.

داڻا، ذ. اَن جا ڪڻا. اناج. اَنَ جو ٿورو مقدار.

داڻا ڪڻا، ذ. ٿورا داڻا (اناج جا). ٿورا ذرا.

داڻ ٻَندي، ٿ. پوک ۾ ٻيئل اَنَ جي ڪَٽَ.

داڻ داڻ، ٿ. داڻا. ذرا ذرا. ٻُر ٻُر (ڪپڙي يا ميوي تي). داڻن واري (کنڊ، گيهه يا ڪو ٻه وکر).

داڻو، ذ (ف. دانہ) ڪڻو (اناج جو). اناج. ٻج. کنهن ٻه جنس جو هڪ عدد (ميوو، موتي وغيره). مڻيو- مڻڪو. تنگ- ٻُڙو. گهوڙي جي کاڄ لاءِ مقرر اناج (چڻا، جوئر جَوَ وغيره). آرائي- ڦلٺو.

داڻو پاڻي، ذ. آبداڻو- کاڌو پيتو. چُوڻو- رزق. نصيب. حياتي.

داڻو پاڻي کُٽڻ، حياتيءَ جا ڏينهن پورا ٿيڻ.

داڻون پاڻيئون وڃڻ، کاڌي پيتي کان نڪرڻ. سڀ ڳالهه کان بيڪار ٿيڻ.

داوَرُ، ص (ف. دادور) انصاف ڪندڙ- عادل. عدل وارو حاڪم. (ذ) خداتعاليٰ.

داوَرِ مَحشَر، ذ. قيامت ۾ سڀني سان انصاف ڪندڙ (خدا تعاليٰ)

داوَڻ، ذ (ف. دامن) آڳو- دامن. پلئُ. ڪِنار (ڪپڙي جي). پاند- جهولي.

داوَڻ جهلڻ، دامن جهلڻ. سام پوڻ- آجهي ۾ اچڻ.

داءُ، ذ. چالَ (شطرنج يا ڪنهن ٻه راند جي ساريءَ جي)- چالو. موقعو- وِجهه. انگ (مَلهه جو).

داءُ لڳائڻ، وِجهُ ڏسي نصيب آزمائڻ.

دائر، ص (ع) ڦرندڙ. درپيش.

دائر ڪرڻ، شروع ڪرڻ- چاڙهڻ. پيش ڪرڻ (مقدمو).

دائرو، ذ (ع) گول. گولائي. ڦيرو- چڪر. فقيرن جو آستانو. مڪان- اوتارو. ڪڪڙن جي ويڙهه جو پِڙُ.

دائِمُ: ظ (ع) هميشہ- سدائين- مدامُ.
دائِما: ظ. دائم. مستقل طرح.
دائِمِي: ظ. هميشه وارو- مُدامي.
دائُود: ذ (ع) هڪ پيغمبر سڳوري جو نالو (جنهن تي زبُور نازل ٿيو).
دائُودِي: ص. حضرت دائود وارو ڪورو. (ذ) گُل جو هڪ قسم.
دائِي: ث (ف. دايہ) ويم ڪرائيندڙ عورت. ٻچو ڄياريندڙ عورت. ٻار نپائيندڙ عورت.
دائِپو: ذ. دائيءَ جو ڪم. ٻار جي سنڀال جو ڪم.
دايو: ذ. خذمتگار. ڳڏهن تي مٽي ڍوئيندڙ- ٻنارو.
دُبُ اَصغَر: ذ (ع) هڪ نکٽ- ننڍي ڪَٽ.
دُبُ اڪبرُ: ذ (ع) هڪ نکٽ- ڪٽ (ستن تارن جو ميڙ، جيڪو هميشه اُتر طرف ڏسبو آهي).
دُبُرِ: ث (ع) پُٺِ- پُٺي (جانور جي). ساهواري جو پٺيون سوراخ جنهن مان فُضلو خارج ٿئي.
دَبستانُ: ذ (ف) قديم احوال.
دَبگرُ: ص (ف) چمڙي جون دَٻيون ٺاهيندڙ (تيل گيهہ وغيره رکڻ لاءِ).
دِباغتُ: ث (ع) چمڙي مان رنگين چيزون ٺاهڻ جو هنر. (خصوصا اُٺ جي چمڙي مان).
دَبِيرُ: ذ (ع) مصنف. مؤلف. لکندڙ. منشي.
دَبِيزُ: ص (ع) ٿُلهو (ٿهہ). گهاٽو.
دَٻَ: ث. مٿان جو زور- چپَ. دٻاءُ. زور.
دَٻَ دُس ڪرڻ: زوري مڃائڻ. دڙڪو دهمان ڪرڻ. دَٻڙ دُس ڪرڻ.
دَٻَ ڏيڻ: زور ڏيڻ. پيڙَ ڏيڻ. تاڪيد ڪرڻ.
دَٻَ ڦُسَ: ث. زور سان وجهڻ جو عمل. زور زبردستي.
دبَ ڪڍڻ: ڌمڪي ڏيڻ. چنڊ ڪڍڻ. جٺ ڪرڻ. تنبيهہ ڪرڻ.
دَبُ ڪرڻ: ٻخار وغيره جي حالت ۾ مٿان سوڙ يا رلي وجهڻ (جيئن پگهر اچي).
دِبَ: ث. ٺهڪي جو آواز. پُٺن تي ٺڪ.
دَٻالَتَ: ث. مِٽيءَ کي لتاڙي وهارڻ. قبر ۾ مِٽي وجهڻ کان پوءِ لتاڙ. زوري زبردستي.
دَٻاءُ: ذ. مٿان جو زور. ٻار. چپ. زورٻار. رعب.
دٻاءُ رکڻ: زور وجهڻ- زور رکڻ. گهٽو ڇوڻ- ڌمڪي ڏيڻ. مجبور ڪرڻ.
دٻاءُ وجهڻ: زور وجهڻ. سختي ڪرڻ. رعب وجهڻ.
دٻائڻ: م. پچائڻ. چپڻ. پورڻ (مٽيءَ ۾). هيسڻ. زير ڪرڻ. لڪائڻ- گمُ ڪرڻ.
دَپ دَپ: ث. ڊوڙڻ وقت پيرن جو هلڪو آواز.
دَٻِجَڻُ: م. ٻار جي هيٺان اچڻ. پچڻ- سوڙهو ٿيڻ. چپجڻ. هيسجڻ. مغلوب ٿيڻ. پُورجڻ (مٽيءَ ۾).
دَٻدَٻو: ذ (ف. دبدبه) آواز- هُل- شور- گوڙ. رعب. دٻ. شان شوڪت. ڌمڪاءُ. نالو ناموس.
دَٻڙِ دُسَ، دَٻڙدُونس: ث. زور سان وجهڻ- دٻ ڦس. لتاڙي پُورڻ. زور زبردستي.
دَٻڪُ: ذ. ساڙُ يا گاٺ جو نشان- چِٽو. داغ. پَرت جو نقش.
دَٻڪَڻُ: م. ٿوري دير بيهڻ (ساهي پٽڻ لاءِ). ترسڻ. لِڪڻ- چپڻ. دٻ کان جُهڪڻ.
دَٻڪو: ذ. ٿوري دير بيهڪ- ساهي. ڳري شيءَ جي ڪِرڻ جو آواز (پِٽ، چِٽ). ٺهڪو. قدمن جو زور سان آواز.
دَٻڪِي، دَٻڪِي: ث. ماني وغيره رکڻ لاءِ ڪجيءَ يا ناڙي مان نهيل ٿالهي- پنڊي.

دَٻلو، ذ. ڏاتو يا ڪاٺيءَ مان ٺهيل ننڍو دٻو (ڳهڻ وغيره رکڻ لاءِ)– ڏاٻلو.

دَٻلي، ث. ننڍو دٻلو. سُونڳي (ڪاٺ جي).

دَٻنامو، ذ. تاڪيد واري لکيت. خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو چتاءُ.

دَٻڻُ، م. مٿان زور ڏيڻ. چپڻ. پيڙڻ. زور سان وجهڻ. ٿسڻ. پورڻ (مٽيءَ ۾). دفن ڪرڻ. لڪائڻ– ڇپائڻ.

دَٻو، ذ (ع. دَبه، ف. دَبّ) ٽين يا لوهہ جو گول چورس ڏول.

دَٻي ۾ لِڪريون، محاورو. ڪجهہ بہ نہ. اجائي ڳڙ ڳڙ.

دُٻو، ذ. پاڻيءَ جي ننڍڙي ڪڌ– ڇُڏو. مَس جو ڦُڙو (ڪاغذ تي)– ڇِٽو.

دَٻي، ث. ننڍڙو دٻو. سُونڳي (ڪاٺ جي).

دَٻيل، ص. بار هيٺ آيل. دٻل– هِيسيل.

دَٽُ، ذ. ماٺ ڪري پٺجي رهڻ (جنهن مان سُتل هئڻ جو احساس ٿئي). چَپُ. مِڪر– گيگُ.

دَٽُ هڻڻ، گيگُ ڪري پٺجي رهڻ. چَپُ هڻڻ. مَڪر ڪرڻ.

دُپَٽو، دوپٽو، ذ. رئو– پوتي.

دُپستي، ث. پيٽ سان– حامله.

دَجالُ، ص (ع) مسلمانن جي عقيدي موجب هڪ ڪالو شخص جيڪو قيامت جي ويجهو پيدا ٿيندو ۽ مسيح هجڻ جي دعوي ڪندو. ڪوڙو. دغاباز.

دُخانُ، ذ (ع) دونهون. ٻاڦ.

دُخاني جهاز، ذ. ٻاڦ تي هلندڙ پاڻيءَ جو جهاز.

دُختَر، ث (ف) ڌيءَ– ٻِنت– نياڻي.

دَخَلُ، ذ (ع) پهچ– رسائي. قبضو. اختيار. مداخلت– دست اندازي.

دخل انداز، ص. حددخلي ڪندڙ. دست اندازي ڪندڙ. وچ ۾ ٽپي پوندڙ.

دخل درمعقولات، محاورو ڪنهن معاملي ۾ هرويرو دخل ڏيڻ– ٽنگ اڙائڻ.

دخِل ڏيڻ، وچ ۾ پوڻ دست اندازي ڪرڻ.

دَخلڪارُ، ص. ڪم ۾ شريڪ.

دخلڪاري، ث. قبضو (ملازمت واري جاءِ تي).

دُخُول، ذ (ع) اندر گهڙڻ جو عمل. لنگهہ– گذر.

دَخِيلُ، ص (ع) دخل ڏيندڙ– ٽپي پوندڙ. پهچندڙ. قابض. ٻي ٻوليءَ مان آيل (لفظ).

دُدَستو، ص. ٿلهو متارو. پهلوان.

دُڏِ، ث. ٻُنڊڙ وارو هڏو. ڀاڪَ. ڪُڪڙ جي ننڍي ڳڙهہ.

دَر، ظ (ف) ۾– اندر– منجهہ (تي، مٿي، جو، ڪان، لاءِ، سان جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ).

دَراَصلِ، ظ. اصل ۾– حقيقت ۾.

درپَردَه، ظ. پردي ۾– لِڪل– خفيہ– ڳجهو. غائبانہ. لِڪَ ۾. پوشيده.

دَرُ، ذ (ف) دروازو– لنگهہ– ٻُنيو.

در پُورجَڻُ، اولاد نہ ٿيڻ ڪري نسل ختم ٿيڻ.

دُر، ذ (ع) موتي– گوهر. ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهہ.

دُرآفشاني، ث. موتي ڇَٽڻ. گفتگو ۾ موتين جهڙا الفاظ ڪم آڻڻ. خوش بياني.

دُرِ شِهوار، ذ. نانگ جي مَڻِ. بي بها موتي.

دُرِ يَڪتا، ذ. سپ مان نڪتل اڪيلو موتي (جيڪو وڏو ۽ قيمتي ٿئي). لاثاني.

دَرآمد، ث. مُلڪ ۾ ٻاهران آيل مال. ڏيساور مان آيل واپاري جنس.

دَرآمد برآمد، ث. آمدرفت (واپاري مال جي). آمدني

روانگي. تجارت.

دَراز: ص (ف) ڊگهو- طويل (انگ) ميز جو خانو.

درازدَست: ص. هٺ چراند ڪندڙ. دست اندازي ڪندڙ. ڀچ وارو. ظالم.

دَراوڙ: ذ. سنڌ جو هڪ قديم نسل.

دُراهو، دُرائو: ذ. سگهڙ پاڻي جي اصطلاح موجب ٻه معنائون ڏيڪاريندڙ بيت.

دِرايَت: ث (ع) ڏاهپ. عقل. غور فڪر.

دَربارَ، دَرپارَ: ث (ف) بادشاهن جي جشن جي جاءِ. ڪچهري. شاهي عدالت. درگاه- آستانو.

درباري، درپاري: ص. دربار ۾ ويهندڙ. دربار جو خاص ملازم.

دَربانُ: ص (ف) در تي پهرو ڏيندڙ- چوڪيدار. حاجِبُ. در جو نوڪر.

درباني: ث. در تي حاضري.

دَربَدَر: ص (ف) در در تي ويندڙ. ڀٽڪندڙ. رولو. آواره گرد. بي گهر- بيگانو.

دَرپارَ: ث. دربار.

دَرپَن: ث (سن) آرسي- آئينو.

دَر پَي: ظ (ف) پنيان. گهورو.

دَرپيش: ظ (ف) اڳيان- سامهون- روبرو.

دَرجُ: ذ (ع) لکڻ- داخلا.

دَرج ڪرڻ: لکڻ. داخلا ڪرڻ (رجسٽر ۾).

دَرجات: ذ (ع. 'درجه' جو جمع) ڏاڪا- منزلون.

دَرجَنُ: ذ (انگ. ڊزن) جنس جون ٻارهن شيون.

دَرجو: ذ (ع) ڏاڪو. مٿيون ڏاڪو. منزل. قِسم- نوع. رتبو- عهدو. منصب. جماعت- ڪلاس (سڪول ۾). نيڪيءَ جو اَجُر.

دَرجي به دَرجي: ظ. رفتي رفتي. ڏاڪي به ڏاڪي. سلسليوار.

درجي آهر: ظ. رتبي آهر. سلسليوار.

دَرَخت: ذ (ف) وڻ- شجر.

دَرَخشان، دَرَخشنده: ص (ف) چمڪندڙ- روشن.

دَرحقيقت: ظ (ف) اصل ۾. سچ پچ.

دَرخواست: ث (ف) گهُرَ (لکيت ۾)- عريضي. عرض- گذارش.

دَردُ: ذ (ف) سُور- عذاب- ايذاء. پيڙا- تڪليف. ڏک- ارمان.

درد آشنا: ص. ڏکن کان واقف- همدرد.

درد انگيز: ص. ڏکوئيندڙ- افسوسناڪ.

درد سَري: ث. مٿي جو سور. جنجال- آزار.

دردمَند، دردوند: ص. ڏک جو احساس رکندڙ- غمخوار. ڏک ڀائي. رحمدل.

دردناڪ: ص. ڏک وارو- افسوسناڪ.

دُرڙو: ص. لُچو- حرڪتي. (ث. دُرڙي).

دَرزَ: ث (ف) چير- شگاف. سِيرَ. ٻن سِرن جي وچ واري وٿي.

درزون ڀرڻ: سِرَن جي وچ واريون وٿيون ڀرڻ.

دَرزي: ص (ف. دَرز= ٽوپو) ڪپڙا سبندڙ. (ث. درزياڻي).

دَرسُ: ذ (ع) پڙهائي- تعليم. سبق. وعظ. نصيحت.

دَرسُ تَدرِيسَ: ث. پڙهڻ پڙهائڻ. سِکيا ۽ سيکارڻ.

دَرسُ وٺڻ: سِکيا وٺڻ. سبق وٺڻ. نصيحت پرائڻ.

دَرسِي ڪتابُ: ذ. سڪول ۾ لازمي طور پڙهڻ جو ڪتاب- نصابي ڪتاب.

دُرسُ: ص. درست.

دُرستُ: ص (ف) صحيح- برابر. موزون. سالم.

درست ڪرڻ: صحيح ڪرڻ. نيڪ ڪرڻ. سنئون

سڌو ڪرڻ.

دُرُستِي: ث. صحت- اصلاح. مرمت.

دَرسَنُ: ذ. درشن. نظارو- ديدار.

دَرسَنِي: ث. آرسي- آئينو- ٽِڪَ.

دَرسنِي هُنڊِي: ث. اُها هُنڊي جنهن جي ڏيکارڻ سان بنان دير جي رقم ملي.

دُرُشَت: ص (ف) ڪهَرو- سخت. ڪرڙو (ڳالهائڻ).

دُرشتِ مزاج: ص. ڪهري طبيعت وارو- تيز طبع. بدمزاج.

دَرشَنُ: ذ (سن) نظارو- ڏيکاءُ. مشاهدو. ديدار.

درشن ڏيڻ: ديدار ڪرائڻ. پاڻ پَسائڻ.

دَرڪُ: ذ (ع) ڄاڻ- پروڙ.

دَرڪار: ص (ف) ڪم ۾ گهربل. ضروري (ث) گهرج- حاجت- پرواهه.

دَرڪنار: ظ (ف) جدا- الڳ- هڪ پاسي.

دَرگاهَ: ث (ف) آستانو. دربار. خانقاه. بارگاه.

دَرگاهِي: ص. درگاه جو مجاور- متولي.

دَرگُذرَ: ظ (ف) چشم پوشي. نظرانداز ڪرڻ.

درگذر ڪرڻ: نظرانداز ڪرڻ. ٽاري ڇڏڻ. ڇڏي ڏيڻ.

دُرلَڀ: ظ (سن) اڻ لڀ- ناياب.

دَرمانُ: ذ (ف) علاج- دارون- ڇُٽڪي- دوا.

دَرماندگِي: ث (ف) بيماري. تڪليف. مصيبت. مجبوري.

دَرماندَهَ: ص (ف) لاعلاج. مصيبت زده. مجبور- بيوس. ٽڪل.

دَرماه: ظ (ف) هرمهيني- ماهوار.

دَرميان: ظ (ف) وچ ۾. منجهه- اندر.

دَرميانو: ظ. وچون. وچترو. موافق. معتدل.

دَرمياني: ظ. وچ وارو. اندريون.

دَرِندو: ذ (ف. درند. درنده) چيري ڦاڙي کائيندڙ جانور. خونخوار- وحشي.

دُرَنگو: ص (ف) ٻه- رنگو. منافق. بي وفا. (ث. دُرنگي).

دَرو: ذ (ف. دَره) ٻن جبلن جي وچ واري وادي جنهن ۾ ندي وهندڙ هجي. ٻن پهاڙن جي وچ وارو رستو- لڪُ.

دُرو: ذ (ع. دُره) چمڙي جي وَڍي جنهن سان شرعي سزا ڏجي.

دَروازو: ذ (ف. دروازه) جاءِ جو لنگهه- در- ٻنيو.

دَرواڻُ: ذ. دربانُ.

دُرُودُ: ذ (ف) رحمت جي صلواة. استغفار. ثنا. دعا.

دَروغُ: ذ (ف) ڪوڙ- ڪذب. بهتان.

دَروغ گوئي: ث. ڪوڙ ڳالهائڻ. بهتان ٻازي.

دَرُونُ: ظ (ف) اندر- منجهه- وچ ۾.

دَرون پردهَ: ظ. پردي ۾ (لڪل. ويڙهيل). ڳجهيءَ طرح. لِڪَ ۾.

دَرُوني: ظ. وچون- اندريون. مخفي- ڳجهو.

دَرويَشُ: ذ (ف) فقير- منگتو. ڀهتل بزرگ. سالڪ. نيڪ. سادي طبيعت وارو. مسڪين.

درويش صفت: ص. اهو ماڻهو جنهن ۾ درويشن واريون خوبيون هجن.

دَرويشي: ث. فقيرن جو طريقو. بزرگي. دينداري.

دَرهَم بَرهَم: ظ (ف) هيٺ مٿي- اُلٽ پُلٽ. گڏوچڙ- ڇڙوچڙ.

دِرهَم. دِرَمُ: ذ (ع) درم (چانديءَ جو سِڪو).

دَرِي: ث. ڪِڙڪي- ڳُڙڪي- جارو. گِلم. فراسي. ونجهوٽي راند جو هڪ خانو يا ٻاري.

ڏَريُون، ث. ويجهوٽي راند لاءِ زمين تي نهيل خانا- باريون.

ڏرِي، ث. ڏهري (ڳهہ). بيل گاڏيءَ جي ڦيٿن کي جهلڻ واري لوهي لٺ.

دَريا، دَرياءُ، ذ (ف) پاڻيءَ جو وڏو قدرتي وهڪرو- وڏي ندي.

دَرِيا بُرد، ث. دريا جي ڇاڇل زمين.

دَريا خورد، ث. دريا جي پاتل زمين. دريا جي ڪاٽل زمين.

دَريادل، ص. سخي- فياض.

دريا دِلي، ث. سخاوت- فياضي.

درَيائي، ص. دريا جو- دريا وارو.

دريائي گهوڙو، ذ. گهوڙي جي شڪل وارو هڪ بحري جانور.

دَرِيافت، ث (ف) ڳولا- تلاش. جانچ- پڇاڳاڇا. ڪوجنا. عدل- انصاف.

دَريچه، ذ (ف) دري- ڪڙڪي. لوڳهو.

دَريُوزه، ث (ف) ڀيڪ- گدائي.

دَريوزه گر، ص. پينو- بکاري- گداگر.

دَرِيدَه، ص (ف) ڦاٽل- چيريل.

دَرِيدَه دَهَن، ص. جيڪي زبان تي اچي چئي ڏيندڙ. ڦاٽوڙو دهل. بدزبان. گستاخ.

دَرِيغ، ذ (ف) انڪار. نفرت. ڏک- افسوس.

دَڙَ، ث. دڙڪا. تنبيهه. جُٺ ڦٽ. گوڙ- هُل. ڪوڏر جي ڳڏ.

دَڙَ دِلاسو، ذ. دڙڪا ۽ دلداري. آسرو ۽ دلاسو.

دَڙپاٽڻُ، م. دڙڪا دهمان ڪرڻ. چڙٻون ڏيڻ. تمڪائڻ. هيسائڻ.

دَڙُ، ذ. تڪليف- جاکوڙ. مصيبت. سختي. درد.

دَڙَ پِٽڻ، تڪليفون سهڻ. سختيون سهڻ. جاکوڙ ڪيڻ.

دَڙڪو، ذ. تمڪي- تڙي. چڙٻ. دٻپ.

دڙڪو داٻُ، ذ. ڏڏو ڏيکر. جٺ ڦٽ.

دَڙَپُ، ذ. ڪپڙي ۾ داغ (مس، سٽپ وغيره جو)- چٽو. ڊِڳُ (ڏوٿري جو).

دَڙَڻُ، م. دڙڪا ڏيڻ. جُٺ ڪرڻ. هُل ڪرڻ (ناراضگي مان).

دَڙو، ذ. مٽيءَ وغيره جو ڍڳ. ڍير. ڦٽل شهر يا ڳوٺ جي مٽيءَ وغيره جو وڏو ڍڳ.

دَڙَهَڙُ، ذ. گوڙ (دريا، چولين، طوفان جي)- گجڪار.

دَڙهو، ذ. جانور (گهوڙي، اُٺ وغيره جي) جي زور سان پَٽ تي لت.

دڙها هڻڻ، ٽينگ ٽپا ڏيڻ. زور سان پٽ تي لتون هڻڻ.

دَڙي، ث. مٽيءَ جي ڍڳي (جيڪا زمين جي حد کي نروار ڪري). ننڍو ڍڳ.

دَڙ، ث. اڏامندڙ مٽيءَ جي سنهي چنڊ- لَٽَ.

دُزُ، ص (ف) چور. بيوقوف- چٽ.

دُزدُ، ص (ف) چور.

دَسُ، ذ (ف. ده) ڏهہ. ڏهہ يا ڏهن کان وڌيڪ تعداد. ڪن ۾ شين جو گهڻو انداز (جيئن دلين جو دَسُ، دهلن جو دس، گارين جو دس، ڪڪڙن جو دس وغيره). وسڪارو- توڙيو (گارين جو).

دِسِ، ث (سن. دِشا) ڏسِ- طرف.

دَستُ، ذ (ف) هَٿُ. پنڙو ڪاڪوس.

دست اندازِي، ث. هٿ وجهڻ. ٽنگ اڙائڻ- مداخلت. ٻئي جي ڪم ۾ هٿ چُراند.

دست بُرد، ث. خيانت- خردبُرد. ناجائز استعمال (رقم جو)- غبن.

دست بَردار: ص. هٿ ڪڍي ڇڏيندڙ. سرپرستي يا واسطو نہ رکندڙ. بي تعلق. لادعوي.

دست بسته: ظ. هٿ ٻڌي. با ادب.

دستِ بدست: ظ. هٿوهٿ.

دست بوسي: ٿ. هٿ چمڻ (عزت مان).

دست دَرازي: ٿ. هٿ کس. ٻئي جو حق کسڻ. هٿ چراند. اتڪاءُ. مداخلت (ڪم ۾).

دست راست: ذ. ساڄو هٿ. سچو مددگار. سچو ساٿي.

دست شفقت: ذ. پيار جو هٿ. مهرباني- عنايت.

دست غيب: ذ. لڪل ذريعي واري ڪمائي. ازغيبي مدد.

دست قدرت: ذ. قدرت جو هٿ. اختيار- وس.

دست نِگَر: ص. محتاج- حاجتمند.

دست و پا: ذ. هٿ پير. حيلا وسيلا.

دَستي: ص. هٿ جو. هٿ وارو. هٿ ۾ کڻڻ جو.

دَستار: ٿ (ف) پڳڙي. پٽڪو. علمي فضيلت طور ٻڌايل پڳ.

دستاربندي: ٿ. پڳ ٻڌڻ جي رسم (وارث. يا ديني علم جي تحصيل ڪندڙ کي).

دَستانو: ذ (ف) هٿن تي پائڻ جو غلاف. هڪ قسم جو ڳهه.

دَستاويز: ذ (ف) لکيت- تحرير. سَنَدَ. حڪومت جي مُهر وارو ڪاغذ (جنهن تي قبوليت لکجي).

دَستِرخوان: ذ (ف) ڪپڙو (جنهن تي ماني رکي کائجي).

دَستخط: ذ (ف) هٿ جي لکيت. هٿ اکر. تحرير. قلمي نسخو. صحيح جو نشان.

دَسترس: ٿ (ف) پهچ- رسائي- پڄندي.

دَستڪاري: ٿ (ف) هٿ جو هنر. هنر- ڪاريگري.

دَستڪَش: ص (ف) ڪم مان هٿ ڪڍي ويندڙ- لاتعلق.

دَستگير: ص (ف) هٿ وٺندڙ. مددگار- حامي. مشڪل مان پار ڪندڙ.

دَستگيري: ٿ. مدد- حمايت.

دَستو: ذ (ف) هٿيو- مُنيو. مسالي ڪُٽڻ جو مُهرو. جٿو (نوج جو). ٢٤ ڪاغذن جو سٿو.

دَستور: ذ (ف) روش- چال- ڍنگ. رسم- ريت. قاعدو- قانون. آئين.

دَستورالعَمل: ذ. قاعدو قانون. طور طريقو. حڪومت جو سرشتو.

دَستوري: ص. دستور موجب. رواج مطابق.

دَستي: ٿ. هٿ ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه. هٿ جو ڇنبو. پاسراٽي واري گوشت جي سُٽِي.

دَستياب: ص (ف) هٿ آيل. مُيسر- حاصل.

دستياب ٿيڻ: حاصل ٿيڻ- هٿ لڳڻ.

دَسَ ڦَس: ٿ. زوري زبردستي.

دَسَڻُ: م. ياڪر وجهي ڪيرائڻ. ليٽائڻ (ملهہ. مقابلي يا جهيڙي ۾). شڪست ڏيڻ. هيٺان ڪرڻ- زير ڪرڻ.

دُسو، دُشو: ذ (ف. دشالہ) دُشالو.

دَسهَرو: ذ. هندن جو هڪ ڌرمي ڏينهن (جيٺ مهيني جي ڏهين تاريخ، انهي ڏينهن تي شري رامچندر، راوڻ کي ماريو هو).

دُسي: ٿ. خار- دڙنس- غيرت.

دُشالو: ذ (ف) اوني يا ريشمي چادر.

دَشتُ: ذ (ف) رڻ پٽ- صحرا- ريگستان.

دشت پيما، ص. بيابان ۾ گهمندڙ. سياح.

دشت نوردَ، ص. بيابان پار ڪندڙ.

دَشت پيمائي، دشت نِوَردي، ث. بيابان ۾ رولڙو- آوارگي.

دُشتُ، ص (سن) ظالم- بيرحم. دشمن.

دُشمَن، ذ (ف) ويري- عَدُو. بدخواه. مخالف.

دُشمَني، دُشمَنو، ث. وير- عداوت. مخالفت.

دُشنام، ذ (ف) گارِ.

دُشوار، ص (ف) مشڪل- ڏکيو- اهنجو. تڪليف ڏيندڙ.

دُشوار گُذار، ص. جتان لنگهڻ ڏکيو ٿئي. ڏکيو لنگهه.

دُشواري، ث. ڏکيائي- مشڪلات- اهنجائي- دقت.

دُعا، ث (ع) التجا- عرض. اهو جملو جنهن ۾ خدا کان ڪجهه گهرڻ لاءِ وري وري چئجي. مناجات. برڪت وارا الفاظ. ڀلائي واري مراد.

دعا سَلام، محاورو. عليڪ سليڪ. گفتگو.

دُعاگو، ص. خير گهندڙ- ڀلو چاهيندڙ.

دعا گهرڻ، مراد گهرڻ. آسيس گهرڻ. حاجت روائي پوري ٿيڻ. (خدا کان) مغفرت گهرڻ. التجا ڪرڻ.

دعويٰ، ث (ع) طلب- گهُر. فرياد (حق طلبي لاءِ). مقدمو.

دعويدارُ، ص. حق گهرندڙ. دانهين- فريادي.

دعويٰ ڪرڻ، حق جتائڻ. حقداري جو مقدمو ڪرڻ.

دَعوَت، ث (ع) سڏ- ڪوٺ. شادي وغيره ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سڏ. مانيءَ جو سڏ.

دَعوَت نامو، ذ. ڪوٺ جي سڏ وارو ڪاغذ.

دَعِي مُدَعِي، ص. فريادي ۽ جوابدار. ٻئي ڌريون. (ظ) آمهون سامهون- روبرو.

دَغا، ث (ف) دوکو- فريب. ڪُپت. ويساه گهاتي. ٺڳي- دولاب.

دَغاباز، ص. دولابي. ٺڳ. فريبي.

دَغا ڏيڻ، ويساه گهاتي ڪرڻ. وعدي خلافي ڪرڻ.

دَغَلُ، ذ (ف) ... ر جي خرابي. ٺڳي. بدافعالي. گوشت يا ڏوٺري جو ڊِڳُ.

دَغلبازي، ث. ٺڳي. دولاب. دغابازي.

دَفَ (ث)، دَفُ، ذ (ف) وڄت جو هڪ ساز (ٿالهيءَ جهڙو. هڪ پاسي گل چڙهيل، ٻيو پاسو کليل- دَفَ.

دُفُ، ص. چَٽ- ناس. اُجڙ. برباد.

دُف ڪرڻ، پينگ ڪرڻ. آڏائي چڏڻ (ملڪيت). برباد ڪرڻ.

دَفاتِر، ذ (ع) 'دفتر' جو جمع.

دَفتَرُ، ذ (ف) آفيس جي لکپڙهه يا حساب ڪتاب جا ڪاغذ- رڪارڊ. آفيس. وڏو ڪتاب. ڊگهو قصو.

دَفتر دَارُ، ص. ڪمشنر جي پاران زمين جو رڪارڊ رکندڙ آفيسر.

دَفتَري، ص. آفيس يا رڪارڊ سنڀالي رکندڙ ملازم.

دفتر داخِلُ، ڪو عرض يا ڪا رٽا بنا فيصلي جي دفتر ۾ رکي ڇڏڻ. ملتوي- نامنظور.

دَفتري، ث. تمام ٿلهو ڪاغذ (جلد چاڙهڻ جي ڪم اچي)- پانو.

دَفع، ظ (ع) پري- دور.

دفع الوَقتي، ث. وقت ٽارڻ لاءِ بهاني بازي.

دَفع ڪرڻ، دور ڪرڻ. ٽارڻ (اکين اڳيان). هٽائڻ. چٽ ڪرڻ. ختم ڪرڻ.

دَفعَتا، ظ (ع) هڪ ئي ڀيري. اوچتو- يڪدم.

دَفعو، ذ (ع) ڀيرو- گهمرو- وارو. قانون جو فقرو.

دفعي دفعي، ظ. ڀيري ڀيري- هر گهمري. وري وري.

دَفَنُ؛ ذ (ع) پُورڻ (زمين ۾).

دفن ڪرڻ؛ زمين ۾ پورڻ. قبر ۾ لاش رکڻ. هميشه جي لاءِ ختم ڪرڻ (معاملو). گم ڪرڻ.

دَفنائڻُ؛ م. پورڻ (زمين ۾). قبر ۾ رکڻ (لاش).

دَفينو؛ ذ (ع) پوريل خزانو. ناڻو.

دَڦُ؛ ذ. هڪ ٻئي مٿان سٽيل رلين جو ڍڳ.

دَڦ ڪرڻ؛ سيءَ يا تپ ۾ هڪ ٻئي مٿان ۾ ٿي رليون وجهڻ (جئن هوا نہ لڳي ۽ جسم مان پگهر نڪري).

دُڦُ؛ ذ. هوا جي زور تي اُڏامندڙ ڌوڙ جو غبار.

دُڦ تي بندوق چوڙڻ؛ خاطريءَ کان سواءِ ڏکي تي ڳالهہ چوڻ.

دَڦِرو؛ ص. ٿُلهو متارو. تندرست ۽ ٿلهو. (ث. دڦري).

دَڦڪُ؛ ذ. ڌنڌ يا غبار وانگر نظر ايندڙ جسم. غبار- ڌنڌ (هوا ۾ مٽي ۽ ڌوڙ جو).

دِقُ؛ ث (ع) سِلهہ (بيماري). (ص) سنهو. عاجز- ڪڪ. مشڪل.

دِقُ ڪرڻ؛ تنگ ڪرڻ- بيزار ڪرڻ- هلاڪ ڪرڻ. ستائڻ- آزارڻ.

دَقائِقُ؛ ذ (ع) دقيقه جو جمع. باريڪ نُڪتا.

دِقَتُ؛ ث (ع) ڏکيائي- تڪليف. تنگي- سوڙهہ. بيزاري- هلاڪي.

دقت طلب؛ ص. ڏکيو- اهنجو- مشڪل.

دَقيانُوس؛ ص (ع) پراڻو- ڪهنو. قديم. (ذ) هڪ رومن بادشاهہ جيڪو ٢٤٩ع ۾ تخت نشين ٿيو (اصحاب ڪهف سندس زماني ۾ ڇپيا وڃن ٿا).

دَقيانُوسِي؛ ص. پراڻن خيالن وارو- قدامت پسند.

دَقِيقُ؛ ص (ع) باريڪ- سنهو. تمام ٿورڙو. ڳُوڙهو- منجهيل.

دُڪانُ؛ ذ (ع) هَٽُ. واپاري جي جاءِ.

دُڪاندارُ؛ ص. هَٽائي. واپاري.

دُڪانداري؛ ث. هَٽ واپار. واپار وڙو. ڏيتي ليتي.

دُڪو؛ ذ. تولو (وزن). تولي جيترو مکڻ (تنديڙي پار ڪي ڪارائڻ لاءِ).

دِڪِي؛ ث. تنديڙو ٿلهو. ڏاڪڻ جو ڏاکو.

دُڪِي؛ ث. تاس ۾ ٻن داڻن وارو پتو.

دُکُ؛ ذ (سن) بيماري- مرض. سُور- اهنج. غم- ڏک.

دک سک؛ ذ. ڏک سک- رنج ۽ راحت.

دُکانُ؛ ذ. دکان. ڪنهن هنرمند ڪاريگر جي ڪم ڪرڻ وارو هنڌ (ڪنڀار، ڪوري، موچي، واڍو).

دُکائِڻُ؛ م. ٻارڻ (باهہ). جاڳائڻ (باهہ، جهيڙو). ڏڳائڻ.

دکدائڪ؛ ص. ڏک جهڙو. افسوسناڪ.

دُکَڻُ؛ م. ٻرڻ (باهہ). ڏڳڻ. جاڳڻ (فتنو).

دکي؛ ث. لڪر جو هڪ ٿانءُ (ڪنگر يا لوٽي جهڙو).

دکي؛ ص. ڏکويل. غمگين. بيمار. اگهو.

دکيارو؛ ص. دکي. (ث. دکياري).

دُگاڙو؛ ذ. حقي يا بيڙيءَ جو وڏو سُوٽو.

دُگاڙا هڻڻ؛ وڏا سُوٽا هڻڻ. ٻٽاڪون هڻڻ.

دُگامر؛ ذ. گهوڙي جي پنڌ جو هڪ نمونو - ڊِگَ.

دُگامو؛ ذ. ڊِگ چال وارو گهوڙو.

دُگانه؛ ظ (ف) ٻہ دفعا. ٻہ رکعتون (نماز).

دِگر. دِيگَر؛ ص (ف) ٻيو. ٻئي رنگ جو. اُلٽ پلٽ. هيٺ مٿي.

دگرانُ؛ ص. ٻيائي رکندڙ - بغضي. (ذ) هڪ قسم جو وڏو پکي.

ڏکنو: ص (ف. دوگنہ) ٻيڻو. ٻٽو - ڏهرو.

ڏگ: ذ. وڏو شاهي رستو. گس. پيچرو.

ڏگ لائڻ: واٽ ڏيکارڻ. رهنمائي ڪرڻ.

ڏگ وٺائڻ: روانو ڪرڻ. لوڏي ڪيڻ. ڪيڏي چلڻ (ڪم يا ذميداري مان).

ڏگ: ذ. جميل شيءِ جو ڇڪو (ڏونري يا مکڻ جو چاڻو). رت جو جميل داغ. ماس جو ٽڪر.

ڏگلو: ذ. ڏهريءِ جو پِنلو. (ص) ٻندرو ۽ ٿلهو.

ڏگو: ذ. اختيار - حڪم. قبضو.

ڏگو جمائڻ: زوري مالڪ ٻنجي ويهڻ. حڪم هلائڻ. قبضو جمائڻ.

ڏگيدار: ص. حڪم هلائيندڙ. حاڪم.

ڏل: ذ. ڍِگ - انبار. ڪڪرن جو ڏس. جيتن جو جهنڊ. ماڻهن جو انبوهه. لشڪر - ڪٽڪ (هڪ ڏند ڪٿا موجب دنيا ۾ ساهوارن جا اڍائي ڏلَ آهن: هڪ ڏل مڪڙ، ٻيو دل ماڪوڙيون، اڌ ڏل ۾ باقي سڀ ساهوارا).

دِل: ث (ف) قلب - مَنُ - هِنيون. اندر - باطن. همت - جرئت. خواهش. مرضي. وچ- مرڪز.

دِل اٽڪڻ: نيهن لڳڻ - عشق ٿيڻ.

دِل ٻڌڻ: حوصلو ڪرڻ. هام هڻڻ.

دِل ٻُڏڻ: بيهوشي ٿيڻ.

دل ڀڃڻ. ٽوڙڻ: مايوس ڪرڻ. نا اميد ڪرڻ. هٽائڻ (ارادي تان).

دِل پَرچي اچڻ: ڏڪارو ٿيڻ. روٺهارڪو ٿيڻ.

دِل پَرچڻ: ڪنو ٿيڻ - بيزار ٿيڻ.

دِل تان لهڻ: وسري وڃڻ. نہ وڻڻ.

دِل تي: ظ. مرضي موجب. ٻڌ تي. چڱيءِ طرح.

دل تي چڙهڻ: ياد اچڻ.

دِل تي هٿ رکڻ: احساس ڪرڻ. پنهنجي حالت سان ڀيٽڻ.

دل ٺيڻ: وڻڻ. چاهہ ٿيڻ. شوق ٿيڻ.

دل ٽٽڻ: همت هارجڻ. شوق ڪچڻ.

دل ٺرڻ: خوش ٿيڻ. فرحت اچڻ.

دل پَڪي ڪرڻ: حوصلو ڌارڻ. صدمو برداشت ڪرڻ. پڪو ارادو ڪرڻ.

دل جلڻ: ساڙ لڳڻ. حسد ٿيڻ. ڪاوڙ لڳڻ.

دل جمع رکڻ: خاطري ڪرڻ. يقين رکڻ. ڀروسو رکڻ.

دل جي ڳالهہ: ث. مرضي. راز.

دل جهلڻ: همت ٻڌڻ. حوصلو ڪرڻ.

دل دکيءَ ۾ رکڻ: دلجاءِ ڪرڻ (طنزيہ). آسرو نہ رکڻ.

دل ڌڙڪڻ: ڊپ يا انديشي ڪان گهبرائڻ.

دل رکڻ: دلداري ڏيڻ. ڏڍ ڏيڻ.

دل سان: ظ. شوق سان. توجهہ سان.

دل سان لڳڻ: ياد اچڻ. اعتبار اچڻ- وسهڻ.

دل ڪچي ٿيڻ: اُلٽيءَ جو خيال ٿيڻ (خراب ڪاڌي يا بد هضمي ڪان).

دل ڪڍڻ: اُڪير ٿيڻ - سِڪ ٿيڻ. مِلڻ جي تانگهہ ٿيڻ.

دِل ڪَڙي ڪرڻ: دل ڏاڍي ڪرڻ. مرضي جي خلاف قبول ڪرڻ.

دل ڪوسي ٿيڻ: ڏکوئجڻ. ڪاوڙجڻ.

دل کَٽي ٿيڻ: ڪڪ ٿيڻ- بيزار ٿيڻ. ورچڻ. مُنهان پوڻ.

دل کولي: ظ. چڱيءَ طرح - بخوبي.

دل لڳائڻ: چاهہ رکڻ (ڪم سان). ڌيان ڏيڻ.

دل لاهڻ: بي همت ٿيڻ. نا اميد ٿيڻ.

دل لوڏو کائڻ: بي يقيني ٿيڻ.

دل لوڙهڻ: بي همت ٿيڻ، نا اميد ٿيڻ.

دل مان ڪڍڻ: وساري ڇڏڻ.

دل ۾ جاءِ ڏيڻ: عزت ڪرڻ. تمام گهڻو چاهڻ.

دل ۾ گهر ڪرڻ: تمام گهڻو وڻڻ. پسند اچڻ.

دل ۾ هُرڻ: هروقت ياد رهڻ. اندر ۾ کُٽڪڻ.

دل ۾ چور هجڻ: بدگماني هجڻ - شڪ هجڻ.

دل ۾ ڪرڻ: ڏک ڪرڻ.

دل مَن پچڻ: سوچ ويچار ڪرڻ. ڳڻ ڳوت ڪرڻ.

دل ننڍي ڪرڻ: همت هارڻ. نا اميد ٿيڻ، مايوس ٿيڻ.

دل وارو: ص. دل کي وڻندڙ. مَن موهيندڙ. پيارو. دلير- سورهيه. سخي.

دل وٺڻ: همدردي ڪرڻ. غمخواري ڪرڻ. قرب ۾ آڻڻ. راضي ڪرڻ.

دل وڌڻ: حوصلو ٿيڻ - جرئت ٿيڻ.

دل وَرڻ: شوق ٿيڻ. لاڙو ٿيڻ. مرضي ٿيڻ.

دل وسامڻ: مايوس ٿيڻ. نا اميد ٿيڻ. گهبرائجڻ (صدمي کان).

دل وندرائڻ: مشغول ٿيڻ. ڌيان ٻئي پاسي ڪرڻ لاءِ ڪو شغل ڪرڻ.

دِل آرام: ص (ف) دل کي آرام ڏيندڙ. منٺار. معشوق.

دِل آرائي: ث (ف) دل کي وڻڻ.

دِل آزار: ص (ف) دل ڏکوئيندڙ. ظالم.

دِل آزاري: ث (ف) دل ڏکوئڻ. ظلم - ڏاڍ.

دِل آويز: ص (ف) من موهيندڙ. دل کسيندڙ. دل کي وڻندڙ.

دِلاسو: ذ (ف) ڏِ - آٿت. پروسو. تسلي.

دلاسا ڏيڻ: ٺلها آسرا ڏيڻ. دلداريون ڏيڻ.

دِل آفروز: ص (ف) دل کي روشن ڪندڙ.

دَلالُ: ذ (ع) واپار وغيره ۾ سودو ڪرائيندڙ. ڪٽن.

دَلالي: ث. سوُدي ڪرائڻ جو محنتانو. پلاوٺو. ڪميشن. ڪُٽڻپو- پڙوت.

دَلالتَ: ث (ع) علامت - اهڃاڻ. ثابتي. دليل.

دَلائِلُ: ذ (ع) دليل جو جمع.

دِلاوَرُ: ص (ف) دل وارو - بهادر - سورهيه.

دِلاوَري: جرات - دليري. سورهياٿي.

دِلبَرُ: ذ (ف) دل کسيندڙ. معشوق - پيارو

دِلبَري: ث. دل کسڻ. محبت. آٿت. دلاسو.

دِل برداشته: ص (ف) دل ٽهي ويل. نا اميد. مايوس.

دِل بَستگي: ث (ف) دل لڳڻ. وندر.

دلبَندُ: ص (ف) پيارو - محبوب.

دَلبو: ذ. ٺڳي - فريب. ويساهه گهاتي. ڦاسايل يا هيٺو پکي جيڪو ٻين پکين کي ڦاسائڻ لاءِ ماري استعمال ڪندا آهن. ڀانڊي پکي ڦاسائڻ لاءِ ڪکن مان ٺهيل پکي. باز کي شڪار تي هيرائڻ لاءِ ڪانءِ يا ڪڪڙ جي ڪنين جو پکي.

دلبو ڏيڻ: لالچ ڏيئي دوکو ڏيڻ. لالچائي ڦاسائڻ.

دِل بَهار: ص (ف) دل کي فرحت ڏيندڙ.

دِل تَنگ: ص (ف) رنجيدو - ناخوش. مَلول- مايوس. تعصبي. حاسد. ڪنجوس. بخيل.

دِلپاڪ: ذ: ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه (عام طرح هڪ قيمتي پٿر جيڪو سوراخ ڪري ڳچيءَ ۾ ٻڌجي).

دِلپَذِير: ص (ف) دل کي وڻندڙ.

دِلپَسند؛ ھ (ف) دل کي وڻندڙ. مرضي موجب. خواهش مطابق.
دَل جَمعي؛ ث (ف) تسلي - اطمينان. بي فڪري.
دِلجوئي؛ ث (ف) دلداري - تسلي. آٿت.
دِلچَسپ؛ ص (ف) دل کي وڻندڙ. خوبصورت. مزيدار.
دِلچَسپي؛ ث. شوق- چاھ.
دِلخَراش؛ ص (ف) دل کي ويڙيندڙ. دل کي تڪليف ڏيندڙ (واقعو).
دِلدارُ؛ ص (ف) دل کي ڏڍ ڏيندڙ - آٿت ڏيندڙ. پيارو - محبوب.
دِلداري؛ ث. ڏڍ - آٿت.
دِلدادہ؛ ص (ف) عاشق.
دُلدُل؛ ذ (ع) حضرت نبي سڳوري کي سڪندريہ جي حاڪم کان تحفي طور مليل خچر (ان جو رنگ سفيد هو). گهوڙي جي شڪل جو ڪاٺ يا ڪکن مان ٺهيل بوتو (جيڪو عاشورن ۾ ڪڍن).
دِلدوزُ؛ ص (ف) دل تي اثر ڪندڙ.
دِلرُبا؛ ص (ف) دل ڪسيندڙ. معشوق- دلبر.
دِلرُبائي؛ ث. دل کي ڇڪڻ. عشق- محبت.
دِلسوزُ؛ ص (ف) دل کي ساڙيندڙ. رُئاڙيندڙ. ڏکوئيندڙ.
دِلشاد؛ ص (ف) دل خوش ڪندڙ. خوش- سرهو.
دِلشِڪَست. دِلشِڪَسِتو؛ ص (ف) دل ڀڳل. بي همت. رنجيدو. مايوس- نااميد.
دِلشِڪَني؛ ث (ف) دل ڀڃڻ. نااميدي.
دِلفَريب؛ ص (ف) دل کي موهيندڙ. دلرُبا. دل ھرکائيندڙ. سهڻو- حسين.
دِلفِگار؛ ص (ف) گهايل دل وارو. غمگين.
دَلقُ؛ ذ (ع) ڪپڙي جي ٽڪرين مان ٺهيل فقيرائو چولو. خرقو. گودڙي.
دَلق پوش؛ ص. گودڙي ڍڪيندڙ. فقير- درويش.
دِلڪَش؛ ص (ف) دل ڇڪيندڙ. سهڻو- حسين.
دِلڪُشا؛ ص (ف) دل کي خوش ڪندڙ.
دِلڪُشائي؛ ث (ف) خوشي. فرحت.
دِلڪَشي؛ ث (ف) دل کي ڇڪڻ. دل موهڻ.
دل ڪولي؛ ظ. بيڌڙڪ- بنا ڊپ ڊاءُ.
دِلگُداز؛ ص (ف) دل کي نرم ڪندڙ.
دِل گهُريو؛ ص. مرضيءَ موجب. وڻندڙ- پسنديده. پيارو.
دِلنَشين؛ ص (ف) دل ۾ ويٺل. ياد. وڻندڙ- پسنديده.
دِلنَواز؛ ص (ف) دل کي ڏڍ ڏيندڙ. دوست- يار.
دِلنَوازي؛ ث. ڏڍ- دلاسو. مهرباني. ناز نخرا.
دَلو. دَلوُ؛ ذ (ع) ڏول. دِلو. هڪ آسماني بُرج.
دَلو؛ ص. دلالي ڪندڙ- دلال. ڪُٽڻ- پڙوو. (ث. دلي).
دِلو؛ ذ (ع. دَلو) ننڍو گهڙو.
دِلي؛ ث. ننڍو دِلو- گهڙي.
دَلوچو؛ ص. گهڻو- جام. دلپسند (انعام).
دِلي؛ ص (ف) دل جو. دل وارو. جاني. (ث) ڀارت جو هڪ مشهور شهر- دهلي.
دِلي دوست؛ ذ. دل وارو دوست. پيارو دوست.
دِلي محبت؛ ث. تمام گهڻي محبت.
دِليرُ؛ ص (ف) وڏيءَ دل وارو. سورهيہ- بهادر. نہ ڊڄندڙ.
دِليري؛ ث. سورهيائي- بهادري.
دَليل؛ ث. واڳ- مهار. اٺ جي ناڪيليءَ ۾ ٻڌل ڪڙو.

دَلِيلُ؛ ذ (ع) حجت- بحث. ثابتي- شاهدي. خيال- گمان- وهم.

دَليل بازي؛ ث. بحث مباحثو. مقدمي ۾ واقعاتي ثابتي. حجت بازي.

دَمُ؛ ذ (ع) رَتُ- لَهُو.

دَموي؛ ص. رت جي گهٽائي سبب ٿيل (مرض).

دَمُ؛ ذ (ف) ساههُ- پَساهه. ڊگهو ساه- ڦوڪ. جياپو- حياتي. زندگي. شوڪارو (دعا يا ڦيڻي جو). حُقي يا چلم جي ڦوڪ. ساه جي هڪ بيماري (جنهن ۾ اُيساهي ٿئي). ڪاڏي ڪي پوريءَ طرح رڌڻ لاءِ ٻاڦ جو اوبارو. درياءَ جي وهڪ جو زور ۽ چاڙهه. پل- گهڙي- ساعت- لحظو. زور- سگهه. حوصلو. دوکو- فريب- ڏٽو. تحرير ۾ بيهڪ جي نشاني.

دَم اٽڪڻ؛ ساهه اٽڪڻ. سِڪَ يا ساروٹي ٿيڻ. سڪرات ۾ ساهه گهُٽجڻ.

دم پرجڻ؛ ساهه گهُٽجڻ. ڊوڙ وغيره ۾ تڪڙو ساه کڄڻ. سهڪڻ.

دم ٽٽڻ؛ پساه پورا ٿيڻ.

دم ڏيڻ؛ ساه ڏيڻ. مرڻ. عاشق ٿيڻ. دولاب ڪرڻ. آسرو ڏيڻ.

دَم جهلڻ؛ تحمل ڪرڻ. پاڻ روڪڻ. صبر ڪرڻ.

دَم ڪرڻ؛ دعا. منتر وغيره پڙهي شوڪارڻ.

دم گهُٽجڻ؛ ساه ۾ مونجهه ٿيڻ. گهبرائجڻ.

دَم هڻڻ؛ دعوي ڪرڻ- هام هڻڻ. ٻٽاڪ هڻڻ. تڪبر ڪرڻ.

دُمُ؛ ذ (ف) پڇ. پُڇڙي (جانور جي)- دُنب.

دَما دَمُ؛ ظ. هڪ ٻئي پويان- لاڳيتو.

دِماغُ؛ ذ (ع) ميجالو- مغز. عقل. هوش. سمجهه.

دِماغ سوزي؛ ث. دماغي پورهيو. مغز کپائڻ. غور فڪر.

دِماغ ڦِرڻ؛ چريو ٿيڻ. هوش خطا ٿيڻ.

دماغ کائڻ؛ مٿو کائڻ؛ بي فائدو ڳالهائي ڪڪ ڪرڻ.

دَمامو؛ ذ (ف) نقارو.

دَمبازُ؛ ص (ف) فريبي- ٺڳ- دغاباز. ڏٽائي.

دَمبازي؛ ث. دوکو- ٺڳي- فريب. ڏٽو.

دَمبخود؛ ظ (ف) چُپ- خاموش (حيراني مان). مات ۾. واتڙو.

دَمبَدم؛ ظ (ف) هروقت- هرگهڙي. ٿوري ٿوري وقت کان پوءِ. پلپل.

دَم پُخت؛ ذ (ف) پلاءَ جو هڪ قسم (ٻاڦ تي رڌل چانور). ٻاڦ تي رڌل کاڌو (جيڪو ٿانءَ جو منهن بند ڪري رڌجي).

دُمچي، دُنبچي؛ ث (ف) گهوڙي جو هڪ سنج (وهٽ جي پُڇ هيٺان ٻڌڻ جو ڪپڙو).

دَم خَم؛ ذ (ف) همت حوصلو.

دُمدارُ؛ ص (ف) پُڇ وارو- پُڇڙ. (ذ) پُڇڙ تارو.

دَم دِلاسو؛ ذ. آٿت- دلداري. ڏٽو پوزي. ٺلهو آسرو.

دم دم؛ ظ (ف) هرگهڙي- هروقت. پلپل.

دَمدَمو؛ ذ (ف) مٽيءَ جو بند. مورچو بند جو. لهوارو رستو.

دَمڙي؛ ث. آڳاٽي وقت جو هڪ ننڍو سِڪو (پئسي جو اٺون حصو).

دَمڙني؛ ث (ف) ٻٽاڪ- لباڙ.

دَمسازُ؛ ص (ف) رازدار. حال محرم. دلي دوست.

دَم قدم؛ ذ (ف) ساهه ۽ هلڻ جي طاقت. زندگي- حياتي- پساه.

دَمڪَشي؛ ث (ف) 'ساهه' جي هڪ بيماري (جنهن ۾ اُبساهي ٿئي).

دَمَڻُ، دَمِڻُ؛ م. ساهه ڪشڻ. دم پٽڻ. ساهي کڻڻ. ترسڻ. صبر ڪرڻ. طعام کي ٻاف تي رڌڻ.

دَنُ؛ ث. اناج جو ڍڳ. گاهه يا ڪاٺين جو وڏو ڍڳ- انبار.

دُنُ؛ ذ. پيٽ جي وچ ۾ ناڙي واري جاءِ- ناف. وچ. پورو وچ.

دُنابُ؛ ذ. گوشت جا ٿهه (جسم تي).

دُنبُ؛ ذ (ف) پُڇ- دُم گهيٽي جي پڇ وارو حصو.

دُنبالو؛ ذ (ف) پُڇ. دُنب. ٻيڙيءَ يا آگبوٽ جو پنيون حصو.

دُنبو؛ ذ. وڏي پڇ وارو گهيٽو. (ص) ٿلهو- متارو.

دَنبُورو؛ ذ. طنبُورو (ساز).

دَندان؛ ذ (ف) ڏند.

دندان ساز؛ ص. ڏند ٺاهيندڙ (ڊاڪٽر).

دندان شِڪَن؛ ص. ڏندڀڃ- ڏند ڀڃيندڙ.

دَنگُ؛ ذ (ف) ڇيهه- ٻچاڙي واري حد- ڇيڙو.

دَنگ دڙو؛ ذ. زمين جي حدبندي جي نرواري لاءِ مٽيءَ جو ڍڳ.

دَنگ رهجڻ؛ حيران ٿيڻ- وائڙو ٿيڻ. هڪو ٻڪو ٿيڻ.

دَنگ ڪرڻ؛ ٻچائي ڪرڻ. توڙ کي پهچڻ. انتها ڪرڻ.

دَنگئي؛ ص. لاڳيتي حد وارو.

دُنگُ؛ ذ (ف) شراب جو مَٽُ. شراب جو وڏو شيشو.

دَنگلُ؛ ذ (ف) مجمعو- انبوهه. خوشي ملهائڻ وقت هُل هنگامو. آکاڙو (ڪُشتي يا مَلهه جو). ملاکڙو. فساد.

دَنگڻُ؛ م. لاڳيتا ٽپ ڏيڻ (ڪُڏ يا ڪَٽ تي). نچڻ ٽپڻ (راند ۾).

دَنگو؛ ذ. جهيڙو- هل فساد. هنگامو- فتنو.

دَنگئي؛ ص. جهيڙاڪ- فسادي.

دَنگي؛ ث. وڏي ٻيڙي. ساموندي ٻيڙو.

دُني؛ ث (ع) دنيا. ڌن دولت.

دُنيا؛ ث (ع) موجوده زمانو. جڳ- جهان. عالم. سنسار. ڌرتي- زمين. ڌن دولت- نالو- ملڪيت.

دنياوَمافيها؛ جهان ۽ ان ۾ جيڪي ڪجهه آهي.

دُنياوِي، دُنيَوِي؛ ص. دنيا جو. دنيا سان واسطو رکندڙ.

دُنيادارُ؛ ص (ف) دنيا جي ڌنڌن ۾ ڦاٿل. دولتمند- تونگر.

دُنياداري؛ ث. دنيا جا ڌنڌا. ڪاروهنوار. هلي چلي- رسم رواج.

دَنيرُ؛ ص. تمام ڪارو. ٿلهو متارو.

دو؛ ص (ف) ٻه.

دوآبو؛ ذ. ٻن دريائن. ندين يا واهن جي وچ واري زمين.

دَوا؛ ث (ع) ٻُڪي- ڦڪي- دارون- علاج. تدارڪ- حيلو.

دواخانو؛ ذ. شفاخانو- اسپتال.

دواساز؛ ص. دوائون ٺاهيندڙ.

دوادَرمل؛ ذ. علاج. سُٺي ڦڪي.

دوا دارون؛ ذ. علاج- سُٺي ڦڪي.

دوافروش؛ ص. دوا وڪڻندڙ.

دُوابو، دُئابو؛ ذ (ف. دوآب) دوآبو.

دَوات؛ ث (ع) مَس. مَس ڪُپڙي.

دُوارُ، دُئارُ؛ ذ (سن) دروازو. دَرُ- ٻنيو. آستان. مُلڪ.

دُوارو، دُئارو؛ ذ (سن) آستانو. سِڪن جي ڌرمي

پوچاپاٽ جو آستانو.

ڏوالُ: ذ (ف) گهوڙي جو هڪ سنج. رڪاب جو پٽو. رڪيب کي جهلڻ لاءِ چمڙي جو پٽو.

ڏوالِي، ڏڪالِي: ث. پاليل پکي (باز، تتر) جي پيرن يا چيلهه ۾ ٻڌڻ لاءِ ڏور.

دَوامُ: ظ (ع) دائم- هميشه- سدائين. (ث) هميشگي.

دَوامي: ظ (ع) دائم- هميشه لاءِ- سدائين- دائمي.

دوباره: ظ (ف) ٻيو ڀيرو. ٻه ڀيرا- وري.

دوبالا: ص (ف) ٻيڻو. ٻٽو. ويتر- وڌيڪ.

ڏوبَدُو: ظ (ف) آمهون سامهون- روبرو.

ڏوتُ: ذ (سن) قاصد. جِن ڀُوت.

ڏوتارو، ڏتارو: ذ (ف) ٻن تارن (تندن) وارو هڪ ساز- ٻہ تارو.

دوتُ: ذ. ڪاري (سمنڊ) جو پَلو. (ص) ٿُلهو (ماڻهو).

دوپَٽو، ڊپَٽو: ذ. پوتي- رَٽو.

ڏوچِتي، ڏُچِتي: ث. چت جي هيٺان ٻي ننڍي چِت- پَچِنڊي.

ڏُودُ: ذ (ف) دونهون. ٻاڦ. ڏُنڊن (ع) ڪيڙو.

ڏودڪَش: ذ. دونهين جي نيڪال وارو سوراخ- چمني.

ڏودستو، ڏُدستو: ص. مضبوط- سگهارو.

دودَستِي: ث. وهٽ جي ٻن اڳين پيرن ۾ وجهڻ جي زنجير.

دوڏُ: ذ. ڪوڙو الزام- بهتان.

دوڏو: ذ. اک جو ڏيلهو.

دوڏا ٿوتارڻ: اکيون ڪڍڻ (ڪاوڙ مان).

دَورُ: ذ (ع) چڪر- ڦيرو- گردش. ڀيرو (سبق جو)- اُٿلائي. تلاوت (قرآن شريف جي). پت جي اوساري ۾ سِرن جي هڪڙي قطار. عهد- زمانو. عرصو- وقت (حڪومت جو).

دَور دَورو: ذ. وقت- زمانو. حڪومت جو عهد. پلان پلي.

دورُ ڪرڻ: سبق وغيره وري وري پڙهڻ. ياد ڪرڻ لاءِ ڀيرو ڏيڻ.

ڏورُ: ظ (ف) پري- پراهون- ڏُور. جدا- الڳ.

ڏوراُفتاده: ظ. پراهون. ڏڪاريل.

ڏور ڀڄڻ: پري ٿيڻ. نفرت ڪرڻ.

ڏوراهُ: ص. تمام ٿلهو (ماڻهو).

دوران: ذ (ع) چڪر- ڦيرو- گهمرو. گردش. وقت- دَور. (ظ) وقت ۾- عرصي ۾.

ڏوراَنديش: ص (ف) اڳ ويچاريندڙ. دانا. سُڄيت.

دوراَنديشي: ث. اڳ ڪُٿي. آئيندي جي سوچ. عاقبت انديشي. ڏاهپ.

دوراهو: ذ. ٻہ واٽو.

ڏورائو، ڏُرائو: ذ. ٻن جدا معنائن يا مُرادن وارو بيت (هُنر شاعري).

ڏوربِينَ، ڏوربِيني: ث. پراهين شيءِ کي ويجهو ڏيکاريندڙ عينڪ.

دورِجَڻُ: م. ڍڪرجڻ- بيهوش ٿيڻ.

دورُخي: ث (ف) منافقت. منهن رکائي.

ڏور دراز: ظ (ف) تمام پراهون- ڏوراهون.

دورَنگو، ڏُرنگو: ص. ٻن رنگن وارو. منافق.

دورَنگي، ڏُرنگي: ث. منافقت. ٻيائي- دغا.

دورُگو: ذ (ف) ٽيليفون.

دَورو: ذ (ف) گشت. پُور- خيال. بيهوشي (بيماري).

دورو ڪرڻ: حد ۾ گشت ڪرڻ. چڪر لڳائڻ

(معاشي لاءِ).

ڏورو؛ ص. ڪن ۾ ٻاس يا سڪا طور پيل 'ڏرڻ' وارو. سهڻو- پيارو.

ڏوري؛ ث (ف) پراهون پنڌ. گهڻو مفاصلو. جدائي.

دوزانُو؛ ظ (ف) گوڏن ڀر- جوڙن تي. گوڏن ڀر جهڪيل يا ويٺل.

دوزَخُ؛ ذ (ف) جهنم- نرڳ.

دَوزخِي؛ ص. گنهگار. ظالم. جهنمي.

دوسُ؛ ذ. دوست.

دوسالو؛ ص (ف) ٻن سالن جو.

دوستُ؛ ذ (ف) سنگتي- يار. سڄڻ- محب.

دوستدار؛ ذ. يار دوست- خيرخواه.

دوستداري؛ ث. دوستي- ياري.

دوستِي؛ ث (ف) ياراڻي- ياري- سنگت. سڄڻائي. پريت- محبت. آشنائي.

دوسَرِي؛ ذ (ع) ٻه جهان (هيءُ جهان ۽ هُوجهان).

دوش؛ ذ (ف) ڪُلهو.

دوش بَدوش؛ ظ. ڪُلهوڪُلهي سان ملائي. گڏوگڏ. قطار ۾ (بيهڻ).

دوشُ؛ ذ (س) ڏوهه. قصور. جُرم.

دوشالو. دُشالو؛ ذ. ٻن پڙن واري شال. پشميني جي چادرن جو جوڙو.

دوشيزَهَ؛ ث (ف) ڪنواري (جُوان ڇوڪري).

دوشِيزگِي؛ ث. ڪنوارپڻو.

دوطَرفو؛ ظ (ف) ٻن پاسن کان. ٻن هنڌان.

دوطَرفي؛ ث (ف) ٻن ڌرين جي. منافقت- ٻيائي.

دوغُ؛ ذ (ف) اٺ جي کير جو ڏڌرو- اَست.

دوغلو؛ ص (ف) ٻن نسلن وارو- گڏيو. منافق.

دَوڪُ؛ ذ. ٻن سالن جي عمر جو (وهٽ). پنجن سالن چمار جو اٺ.

ڏوڪانُ؛ ذ (ف) هَٽُ. ريزڪي وکري جو هَٽُ.

دوڪاندار؛ ص. هٽ وارو- هٽائي.

دوڪانداري؛ ث. واپار. ريزڪي وکرو يا ڏيتي ليتي.

دوکو؛ ذ. دولاب- فريب. ويساهه گهاتي- دغا. ڪپٽ- ٺڳي.

دوکيبازُ؛ ص. دغاباز- فريبي.

دوکي ۾ رکڻ؛ ڪوڙي دلاسي ۾ رکڻ- آسري ۾ رکڻ.

دوڳُ؛ ذ (ف. دوغ) اٺ جو جميل کير. ڏڌري جو ڏڳُ. گوشت جو وڏو ٽڪر. ڪاٺ جو وڏو ٽڪر. گج جي پرت جو هڪ ڪُن. بخيو.

دوڳُوُ؛ مر. سونو پاڻي چاڙهڻ (ڳهڻ تي). سونا ورق چاڙهڻ. چٽيون هڻڻ (ڪپڙي ۾). بخيو هڻڻ.

دوڳِي؛ ث. ڪاٺ جو ويل ۽ تراشيل وڏو ٽڪر. چورس ڪاٺيءَ جو وڏو ٽڪر.

دولابُ؛ ذ (ف) ٺڳي- فريب. ويساهه گهاتي. دغا.

دولابِي؛ ص. ٺڳ- فريبي. دغاباز.

دولتَ؛ ث (ع) ڌن- ناڻو. خزانو. حڪومت- سلطنت.

دولت پناه؛ ص. حڪومت کي سلامت رکندڙ (بادشاهه).

دولت خانو، دولت سرِي، دولت ڪده؛ ذ. بادشاهي محلات- قصر. گهر- جاءِ.

دولتَمندُ؛ ص. شاهوڪار- مالدار- تونگر.

دولتمندي؛ ث. شاهوڪاري- تونگري.

دولمو؛ ذ. ٽيمٽي ۽ ڀاڄي مان ٺهيل ٻوڙُ.

دوڪَهُ؛ ذ. گهوٽ- ونو- ٻنو. سخي- ڏاتار.

دولِي: ٿ. ننڍي ديگ- ميانو.
دوم شوم: ظ. ٽلهي ليکي- اُکو ڏڪو.
ڏونُ: ذ. نڪ جو هيٺيون حصو. ٻُوٿ. (ع) حقير- خسيس. ڪِهِٽ.
ڏوناڙُ: ذ. دونُ. ٻوٿُ.
ڏونالي، ڏنالي: ٻن ناليءَ واري بندوق.
ڏونسَ، ڏونسَ: ٿ. خار- ڪاوڙ- ڏسي.
ڏونڪڻُ، ڏونڪڻُ: م. چمڪڻ. روشن ٿيڻ. آهستي آهستي ٻرڻ (باهہ)- ٽمڪڻ.
ڏونڪو، ڏونڪو: ذ. ٽمڪو- چلڪو. تجلو.
دونو: ذ. ولڻ جي پنن مان ٺهيل پيالو (عام طرح هندو واپرائين).
ڏونهہُ: ذ. دونهون.
دونهاٽُ: ذ. دونهين جي ڪارٺ ۽ ڏپ.
ڏونهاٽجڻُ: م. دونهين لڳڻ ڪري ڪاراٽجڻ. دونهين جو اثر ٿيڻ.
ڏونهون: ذ. دُخان- دُود. دونهين جو واس. ڪکن ۽ ڇيڻن جو مچ.
دونهان ڪڍڻ: اندر جي باهہ ڪڍڻ. ڪاوڙ ڪڍڻ. گهٽ وڌ ڳالهائڻ. ڏاڍي جٽ ڪرڻ.
ڏونهين دکائڻ: باهہ ٻارڻ. مچ مچائڻ. جهيڙو جاڳائڻ. ترٽو ڏيڻ.
دوهرو، دوهڙو: ذ. ٻن سٽن وارو بيت- ڏوهيڙو.
دوهو: ذ. ٻن سٽن وارو هندي بيت.
ڏوڻ، ڏنو: ذ. باهہ- آگ. تشو- سيڪ. سوجهرو- روشني. چمڪو- اُهاءُ.
ڏوئي، ڏئي: ٿ (ف) ٻيائي. منافقت.
ڏهہ: ص (ف) ڏهہ (ڳاڻيٽي جو انگ).
دِهہ: ٿ (ف) زمين جو ٽڪُر. ديهہ.

ڏهانُ: ذ (ف) وات- مک. مُنهن.
ڏهانو: ذ (ف) وات. مُنهن. منڍ (دريا جو). لغام جو هڪ حصو.
دَهَر: ٿ (ف) وقت- زمانو. ڊگهو عرصو. ڌرتي- زمين. دنيا- جهان.
ڏهرائڻُ: م. پٺو ڪرڻ- ٻيٺو ڪرڻ. ورڻ وري چوڻ- ورجائڻ. دور ڪرڻ. ورد ڪرڻ.
ڏهرو: ص. ٻيٺو- ٻٽو. ڏوڙو. ٻہ تهو. ڏنگو- ڦڏو. (ٿ. ڏهري).
ڏهري: ٿ. سون جي مڻڪن واري ٻن سَرُن (لڙهين) وارو ڳهہ (دهري عام طرح ٻہ- سري، ٽہ سري، پنج سري ۽ سَت سَري ٿئي).
دَهريو: ص (ف) رڳو موجوده دنيا جي وجود جو قائل. خدا کي نہ مڃيندڙ- لادين.
دَهشَتَ: ٿ (ع) ڊپ- خوف. هيبت- هراس.
دهشت انگيز: ص. ڊيڄاريندڙ- خوفناڪ- پوائتو. هراس. پکيڙيندڙ.
دهشت زَده: ص. ڊنل. سَهميل- هراسيل.
دَهشتناڪُ: ص. خوفائتو- پوائتو.
دَهقان، دَهقاني: ص (ف. دِهقان) ڳوٺائو- ٻهراڙي جو. هاري.
دَهڪو: ذ. ڌڙڪو (دل جو). ڇرڪ- هراس.
ڏهلُ: ذ (ف) هڪ مشهور ساز.
ڏهلاري: ص. دهل وڄائيندڙ (عام طرح مڱڻهار).
دَهلجڻُ: م. ڊڄڻ- خوف کائڻ. ڏڪڻ. هراسجڻ.
ڏهلڙي: ٿ. ننڍو دهل. ڍولڪ.
دَهلڻُ: م. ڊڄڻ- هراسجڻ.
دَهلي: ٿ (ف) چائنٺ. ڏيڍي. آستانو. ڀارت جو گادي؛ وارو شهر.

دَهليزَ؛ ث (ف) چائنٺ. ڏيڍي. آستانو.

دَهمانُ؛ ذ. دٻاءُ- ڌمڪي. دڙڪو داٻ. رعب تابُ.

دَهمَڙدو؛ ذ. ڪناري تي ٻيڙيءَ ٻڌڻ لاءِ کُتل مُنُ.

دَهنُ؛ ذ (ف) وات- مُنهن.

دِهَند، دِهَندَه؛ ص (ف) ڏيندڙ.

دَهي؛ ث. ڌوڻرو.

دَءُ، دَئو؛ ذ. سوجهرو. ٽمڪو. اولڙو. پاڇو.

دَئوسُ؛ ص (ع. دَيُوث) بيغيرت- بيحيا. ڀڙوو.

دُئي؛ ث (ف) دُوئي. ٻيائي. منافقت.

دَئيتُ؛ ذ (سن) بدروحَ. راڪاس. گهڻو کائيندڙ- پيٽُو.

دَيا؛ ث (سن) ڪهل- قياس. ٻاجهہ- رحم. مهر- ڪرم. عنايت.

دَيالُو، دياوانُ؛ ص. رحمدل- ٻاجهہ وارو. مهربان. سخي.

دَيارُ؛ ذ (ع) ديس- ڏيهہ. مُلڪ. وطن- سائيهہ.

دَيالُ؛ ذ. هڪ قسم جو عمارتي ڪاٺ.

دَيانَتَ؛ ث (ع) ايمانداري- سچائي (امانت).

دَيانتدارُ؛ ص. ايماندار- سُچيو. نيڪ- سچار.

ديانَتداري؛ ث. سُچت. نيڪي. سچائي.

دِيبا؛ ذ (ف) هڪ قسم جو ريشمي ڪپڙو- اطلس.

دِيباچو؛ ذ (ف) مهاڳ- تمهيد (ڪتاب جي).

دِيَت؛ ث (ع) خُون بها. قصاص. خون جو عيوض (مُلهہ يا سگّ جي صورت ۾).

دِيپُ؛ ذ (سن) ٻيٽُ- جزيرو. ڏِيو- چراغ.

دِيپَڪُ؛ ص (سن) ٻرندڙ- روشن. چمڪندڙ. (ذ) ڏِيو- چراغ. هڪ راڳ جو نالو.

دِيدَ؛ ث (ف) اک. نظر- نِرت. محابو- لحاظ. شرم.

دِيد ڪرڻ؛ نظر ڪرڻ- ڏسڻ. سنڀال ڪرڻ. نظرداري ڪرڻ. لحاظ ڪرڻ.

دِيدَبازي؛ ث. ديدبازي. اکين جا اشارا.

دِيد شُنِيد؛ ث. ڏٺي ٻڌي. واقفيت- شناسائي.

دِيدارُ؛ ذ (ف) ڏيکاءُ- درشن- نظارو. جلوو. لقاءُ.

ديدارٻازي؛ ث. نظارو- درشن. اک اٽڪائڻ.

ديدار ڪرڻ؛ ڏسڻ - پسڻ. صورت ڏسڻ. درشن ڪرڻ.

دِيدَه دانِستَه؛ ظ (ف) ڏٺو، وائڙو. ڏسي وائسي. ڄاڻي ٻُجهي.

دِيدَه دِليري؛ ث. زوري زبردستي. اکين آڏو. روبرو.

دِيدَه وَر؛ ص (ف) هوشيار، دانشمند.

دَيرُ؛ ذ (ف) بتخانو.

دير؛ ث (ف) اوير - اويل. ڪمهلائي، ڍر - سُستي. گيسر.

ديرپا؛ ظ. گهڻو وقت جٽاءُ ڪندڙ. پائدار - جهالُو.

دير هَضم؛ ظ. پيٽ ۾ (کاڌو) دير سان هضم ٿيندڙ.

ديرو؛ ذ (ف. ديره) جاءِ- گهر. حويلي. ماڳ. منزل - ٺاڪ. تپيدارن جي رهڻ جي جاءِ. لاباري بعد اَنُ يا وَلِ رکڻ جي جاءِ.

ديرو ڄمائڻ؛ منزل ڪرڻ. ڪپ کوڙي ويهڻ.

ديريدارُ؛ ص. ديري جو مالڪ. اڳواڻ. رکوال.

ديرِينو؛ ظ (ف) دير سان. ڪَهنو - قديمي. بردبار - ڪانڌوارو.

ديڙو؛ ذ. ڏُرو (شرعي سزا ڏيڻ لاءِ چمڙ جي ودي).

ديسُ؛ ذ (سن. ديش) وطن. ڏيهہ - ملڪ.

ديس پَرديسُ؛ ظ. پنهنجو پرايو ملڪ. هرهنڌ - جتي ڪٿي.

دیس نیکالي، ث. ڏيھہ نيڪالي - جلاوطني.
ديسي، ص. ديس جو - ڏيهي - ملڪي. وطن جو.
ديڪا ڏيکي، ث. هڪ ٻئي کي ڏسي. نقالي (هلي چلي جي). رِيس. برابري.
ديک ڀالَ، ث. نظرداري - جاچ جوچ. سنڀال.
ديکڻُ، م. ڏسڻ. نظارو ڪرڻ. جاچڻ. پرکڻ.
دِيگر، ص (ف) ٻيو. اور. علاوه - سواءِ.
ديگ، ديگ، ث (ف) رڌڻ لاءِ ٽامي جو وڏو ٿانءُ
ديگ چاڙهڻ، خيرات جي مانيءَ ڪرڻ. عام جام ڪري ڇڏڻ.
ديگچو، ذ (ف) ديگڙو. (ث. ديگچي)
ديگڙو، ذ. ننڍي ديگ. (ث.ديگڙي)
ديمِ، ث. لشڪر - سپاهہ. (ج . ديميون)
دَينُ، ذ (ع) قرض - لهڻو. بخشش، ڏوھہ گناھہ.
دَينُ پوڻ، مذهبي اصولن جي انحرافي سبب گناه پوڻ.
دِينُ، ذ (ع) مذهب. مذهب.اسلام.
دِين ايمانُ، ذ. مذهبي عقيدت جو ويساه.
دِين پناه، ذ. مذهب جو اجهو (بادشاه لاءِ چيو ويندو آهي).
دِيندارُ، ذ. مذهب جو پابند. نيڪ. پرهيزگار.
دِينداري، ث. مذهب جي پابندي. نيڪي. پرهيزگاري.
دِين دنيا، ذ. ٻئي جهان.
دِين مَلُوڪِي، ث. سينڌ سجائپ. ڏيٺ ويٺ. غيرمرد ۽ عورت جو پاڻ ۾ پيار وارو تعلق.
دِيني، ص. دين جو- مذهبي. اسلامي.
دِيناداستي، ظ (ف. ديده دانسته) ڄاڻو واڻو- کليو کلايو- ظاهر ظهور.
دِينارُ، ذ. سون جو هڪ (اڳاڻو) سِڪو.

ديندارُ، ث. ٻارڙي کي مکين مڇرن کان بچاءَ لاءِ ڪاٺ جي ننڍڙي گهوڙي.
دِينيات، ث (ع) دين سان تعلق رکندڙ ڳالهيون. دين جي ارڪانن ۽ عقيدن جو علم.
ديوُ، ذ (ف) خيالي ڪهاڻين قصن جو هڪ ڪردار (جيڪو عام انسانن کان قدبت ۽ طاقت ۾ گهڻو ٿئي)- راڪاس. ٿلهو متارو ماڻهو. (سن) ديوتا. اوتار.
ديُوزاده، ص. ديو جو اولاد. تمام وڏي قد ۽ جُسي وارو.
دِيوارَ، ديوارَ، ث (ف) ڀِت. پناه- اوٽَ.
ديوالَ، ث. ديوار.
دِيوانُ، ذ (ع) شاهي دربار- ڪچهري. عدالت. خزاني جو وڏو عملدار. 'الف- بي' وارا قافين جي ترتيب سان غزلن جو مجموعو.
ديوان عام، ذ. عام دربار- کليل ڪچهري (جنهن ۾ سڀڪو اچي سگهي).
ديوانگِي، ث (ف) چريائي. مستي. بيوقوفي.
ديوانو، دِيوانو، ص (ف. ديوانہ) چريو- پاڳل- مستانو. هوش کان نڪتل. سودائي- خفقاني. عاشق.
دِيوانِي، ث. جائداد، ملڪيت ۽ ڏيتي ليتي بابت فيصلا ڪندڙ عدالت.
ديوتا، ذ (سن) هندن جي عقيدي موجب هڪ خيالي هستي جنهن ۾ غيرمعمولي قوتون هجن. فرشتو. مقدس ساهوارو آوتار (جيڪو سنسار جي ڪنهن ڪم تي مقرر ٿيل هجي).
دَيُوث، ص (ع) بيغيرت.
ديوِل، ث. عيسائين جو عبادتگاه.
ديوِناگرِي، ث. "هندي" ٻوليءَ جو رسم الخط.
ديوِي، ث (سن) 'ديوتا' جو مونث. هندومت موجب

سنسار ۾ ايشور طرفان مقرر ڪم سنڀاليندڙ عورت.
هڪ قسم جو مشهور ٻوٽو ۽ وڻ.

ديهہ، ديهي: ث (سن) بدن- جسم- ٻُت.

ديهہ: ث (ف. دِه) آبــاديءَ واري زمــين جي وڏي ايراضي. زمين جو مقرر حصو. ڳوٺ.

ديهاتُ: ذ (ف) ديهون. ڳوٺَ.

ديهاتي: ص. ڳوٺاڻو. ٻهراڙيءَ جو.

ڏ

ڏ: ث. اُچار 'ڏال'. سنڌي 'الف- بي' جو ويهون اکر.

ڏاتِ: ث (سن) ڌاتو (سون، چاندي وغيره). ڪاڻين مان ڪوٽي ڪڍيل عنصر. روش- خصلت. نُطفو.

ڏاتُو: ذ (سن. ڌات) ڪاڻين مان ڪوٽي ڪڍيل معدنيات (جنهن ۾ پگهرجڻ جي خاصيت هجي). سون، چاندي، لوهہ، ٽامون، پارو، جست، شيهو وغيره). اصل بنيادي لفظ – اشتقاق.

ڏاتُورو: ذ. هڪ قسم جو نشيدار ٻوٽو (ٽي قسم: ول ڏاتورو، چريو ڏاتورو، ڪارو ڏاتورو).

ڏاپڻُ: مر. چوپائيءَ جي ٿڻ مان کير چوسڻجي وڃڻ (ڦر ڏاٽي وڃي).

ڏاجو: ذ. گيڙو رنگ. دهل جو واڄو.

ڏاڄُ: ذ (سن. ڌانيہ) اَنُ. اناج.

ڏاڄُورو: ذ. گاهہ جو هڪ قسم (جنهن جي پاڙن ۾ گول داڻا ٿين جيڪي دُٽ طور ڪم اچن).

ڏاڄُورا ڪڍڻ: پاڙون ڪوٽي ڪڍڻ. ڏاڍي مار ڏيڻ. سَٽَ ڪُٽَ ڪرڻ.

ڏاڏِر: ث. دلاسو (پرچائڻ لاءِ)- چَٽَ- پرپَ.

ڏاڏرائِڻُ: مر. پرچائڻ- ريجهائڻ (خصوصا ٻار کي).

ڏاڏرو: ذ. وڄت جي تار جو مالو (موسيقي جي اصطلاح ۾).

ڏارَ، ڏارِ: ث (سن. دارا) پاڻيٺ يا پاڻيءَ جي لار. ڳوهو (کير جو). وهڪرو. اوزار. (ڪاتي ڪهاڙي وغيره جي) تکائي. لِيڪَ- ريکا.

ڏارِ، ڏارُ: ظ. الڳ- جدا. نيارو- علحدو. پري- وٿيرڪو.

ڏارا: ث (سن) پاڻيءَ جو وهڪرو.

ڏاران: ظ. سواءِ- بنان- ري.

ڏارائِڻُ: مر. ٿڃ ڇيارڻ. کير پيارڻ (چوپائيءَ جو پنهنجي ڦر کي).

ڏارِ پارِ: ظ. بلڪل الڳ. بنهہ پري. بي تعلق.

ڏارَڻُ، ڏارِڻُ: مر. پالڻ- تاتڻ (جانور). هيرائڻ (جانور). اختيار ڪرڻ (عادت).

ڏاروڏار: ظ. جدا جدا. ڇڙوڇڙ. بي تعلق.

ڏاري: ظ. وٽ- پاسي- ويجهو. لڳ ڀڳ.

ڏاري: ث (سن) لِيڪ- ريکا- ڏارِ.

ڏاريدار: ص. ليڪائون - ليڪن وارو.

ڏارِيو: ص. اوپرو - اجنبي - غير. پرايو. غير جنس. اڻ واقف. نامحرم. (ث. ڏاري)

ڏاڙِ: ث. مجمع - انبوهہ. گهَلِ. ڏاڙيلن جو ٽولو. ڏاڙيلن جي ڪاهہ. ڏاڙو (چوپائي مال جي ڦُر). ٻنديءَ ۾ ٻَنُ ۾ وڃڻ وقت ٿالهين جو واڄو (جنهن تي ميڇي ٻاڄ ڪاٽي ٻَنَ

۾ ڦاسي).

ڏاڙِ ڏاڙِ ڪرڻ؛ هاءِ گهوڙا ڪرڻ. دانهون ڪرڻ. مدد لاءِ پڪارڻ.

ڏاڙِ ويسَ؛ ث. هاءِ گهوڙا- گهوڙا گهوڙا. واڪو واڪا. واويلا. ڦُرلٽَ.

ڏاڙو؛ ذ. ڏاڙيلن جي ڦُرلٽ. ڏاڙيلن جو حملو ۽ ڦُرلٽَ.

ڏاڙو لڳڻ؛ ڦرلٽ ٿيڻ. زوري کسجڻ (مال، حق).

ڏاڙو هڻڻ؛ ڦُر ڪرڻ. ٻئي جو حق غصب ڪرڻ. زوري مال ڦٻائڻ.

ڏاڙيل؛ ص. ڏاڙو هڻندڙ. زوري ڦُر ڪندڙ.

ڏاڙيوالُ؛ ص. ڏاڙيل.

ڏاڪَ؛ ث. هاڪ - ناموس - مشهوري. واڪا. هُل - ڌومَ. رعب تاب ڌمڪاءُ.

ڏاڪو؛ ذ. ڌمڪاءُ. رعب تاب. ناموس.

ڏاڳا؛ ذ. ڪپڙا (ڪنهن وليءَ جا پاتل). درويشي لباس (جيڪو درويش جي وفات کان پوءِ سندس جاءِ نشين پائي). فقيرائو ويس.

ڏاڳو؛ ذ. سُٽ جي تند - سڳو. تند - ڌور. بيماريءَ کان ڇوٽڪاري لاءِ پڙهيل ڏاڳو (جيڪو ڳچيءَ يا ٻانهن ۾ ٻڌجي).

ڏاڳي ۾ هجڻ؛ ڇٽي ۾ هجڻ - امر ۾ هجڻ - حڪم ۾ هجڻ. ميتا ۾ هجڻ. فرمانبرداري ۾ هجڻ.

ڏامَ ڌُومَ؛ ث. خوشي ۽ جشن. رونق ۽ محفل. سونهن ۽ سينگار. تجمل. ٺاٺ.

ڏامو؛ ذ. ڪڻڪ جو پڪل ڏارو (گيهه ۽ کنڊ ۾ پڪل). هندڪي رسم موجب ٻانڀڻ کي خاص ڏِڻ تي کارايل کاڌو.

ڏانُ؛ ذ (سن) ڏانُ.

ڏانڌلُ، ڏانڌلَ (ث)؛ ذ. ريڙهه پيڙهه. ڇڪتاڻ. اجايو تڪرار. اجايو بحث.

ڏانڌل بازي؛ ث. تڪرار - حجت. ريڙهه پيڙهه. بي ايماني- ٺڳي.

ڏانڌل ڪرڻ؛ اجايو بحث ڪرڻ. تڪرار ڪرڻ

ڏانڌل مچائڻ؛ تڪرار ڪرڻ. ڏنڌو ڪرڻ. گوڙ شور ڪڻ.

ڏانڊولَ؛ ث. ڌُوڻ. ڌوڏو.

ڏانڊولڻُ؛ مر. ڌوڏڻ. ڌُوڻڻ. لوڏڻ (ڌُوڻ وانگر).

ڏاٿا؛ ذ. مشهور سُرهو وکر (عام طرح مصالحي طور ڪم اچي).

ڏائي؛ ث. پڳل آنُ (چانور، ڦلا).

ڏاوَڻُ؛ مر. (سرائڪي) وهنجڻ- تڙ ڪرڻ.

ڏاءُ؛ ذ. گيڙو رنگ.

ڏائِڻُ؛ مر. ننڍڙي ٻار يا ڦر جو ٿڻن مان کير پيئڻ.

ڏائي وجهڻ؛ چوپائي مال مان سندس ڦر جو کير چڪڙي وجهڻ.

ڏُٻَ؛ ث. لوڏو- ڌوڏو. ڌڪڻي. زلزلو.

ڏٻرَ؛ ث. اڇي کٿي يا لوئي. رلي.

ڏٻراٽُ؛ ذ. ڪنهن ڳري شيءِ ڪِرڻ جو ٺڪو.

ڏٻر ڏلو؛ ص. ٿلهو متارو (ماڻهو). ڏٿو مُٿو.

ڏٻڻُ؛ مر. ڪنبڻ- ڏڪڻ. ڏڏڻ- لرزڻ.

ڏُٻِڻ؛ ث. اُونهي گپ چڪَ (جنهن ۾ ماڻهو، جانور يا ڪابه شيءِ پيهي وڃي. عام طرح ڏٻڻ اها مشهور آهي پر واريءَ ۾ به ڏُٻڻ ٿئي)- چورگپَ.

ڏٻو؛ ذ. رنگ وارو نشان- چٽو. داغ.

ڏُتارَڻُ؛ مر. پنيلائڻ- برغلائڻ. دلبو ڏيڻ. هرڪائڻ. ڏاترائڻ- ريجهائڻ. ٺڳڻُ.

ڏُتو؛ ذ. ٺڳي- فريب. دلبو. ڏُتل- فريب ۾ آيل.

ڏُپَ؛ ث. ٻانس- بدبوءِ. بُوءِ.

ڏپ پوڻ: اهڃاڻ ملڻ- ڏس پتو ملڻ.

ڏُپَ: ث. اُس. ڪاڙهو.

ڏپڙڻُ: م. تنيڙي ٻار يا ڦر جو ٽڻن کي ڦاٽڻ.

ڏِپو: ذ. پري کان چٽو نظر نہ ايندڙ ڏيک- دُکُ. ڌُنڌ واري نظر. ٻُوءِ- ٻانس. اهڃاڻ.

ڏَڄَ: ث. چمڪو- روشني. رونق- سينگار. سُونهن- سوڀيا.

ڏَڄَ، ڏَڄا: ث. جهنڊي- بيرق. ٻيڙيءَ جي خاص نشان يا اهڃاڻ واري جهنڊي يا بيرق.

ڏَڄاڻِي: ث. مالڪيائي.

ڏَڄِرُ: ذ. گوڙ- هُل غوغاءُ.

ڏُڌِڙِ: ث. ڌُوڙ- دَز واري مِٽي. چوري مِٽي. مٽي.

ڏُڌڙ ۾ پير هڻڻ: انڪار ڪرڻ- نابري وارڻ.

ڏُڌڙو: ذ. ميوي وغيره جو سخت کل وارو ٻج- ڇيڇڪو- ککڙو.

ڏَڌڪارَ: ث. زوردار آواز. گجڪار (پاڻيءَ جي).

ڏَڌڪَڻُ: م. زوردار آواز ڪرڻ. گجڪار ڪرڻ. ڌڪاءُ ڪرڻ. گڙڻ.

ڏَڌڪو: ذ. ڌڪاءُ وارو آواز. ڪڪرن جي گوڙ وارو آواز. دريا يا نئن جي پاڻيءَ جي تِکي وهڪري جو آواز. ٽوف جو وڏو لڪاءُ. صدمو (دل کي).

ڏَڌڪِي: ث. ڀيڪي. هڪل. ڏاڍي آواز وارو دڙڪو.

ڏُڌو: ذ. تهمت- الزام.

ڏِڏِڪَ: ث. لوڏو- ڌوڏو.

ڏِڏڪَڻُ: م. ڌوڏو کائڻ. تورو لُڏڻ. ڏُٻڻ- ڏڪڻ.

ڏُڏڻُ: م. کُتل ٽنب ٽوٽي وغيره لُڏڻ- اُلڙڻ. ٿڙڪڻ- ڏٻڻ. ڏڪڻ.

ڏَرِ: ث. ڌرتي- زمين- ڀُونءِ.

ڌُرِ: ث. آخر- ڇيهہ- دنگ- حد. ابتدا- منڍ.

ڌُرکان، ڌُرڀان: ظ. منڍ کان- شروع کان.

ڌُرُ تائين: ظ. پڇاڙي تائين- توڙ تائين.

ڌُرِ: ث. جماعت- ٽولو. ڪنهن مسئلي يا معاملي ۾ واسطو رکندڙ ماڻهو. هڪڙي طرف جو ماڻهو.

ڌَرار، ڌَرارُ: ذ. چوپايو مال چاريندڙ+ ڌنار.

ڌَراوَتَ: ث. امانت طور رکيل رقم. دولت.

ڌَرِ تَتِي: ث. ٻن پهرن جي مهل- منجهند (جنهن وقت زمين تتل هوندي آهي).

ڌَرتِي: ث. زمين- ڀُونءِ- ارض. مِٽي. نظام شمسي جو ٽيو نمبر گره.

ڌرتي ڏُٻڻ: زلزلو ٿيڻ.

ڌُرپَد: ث. اُتر هندوستان (پنجاب) جي ڪلاسيڪي موسيقي جو هڪ انداز.

ڌُرِ ڌَڻِي: ص. اصلي مالڪ.

ڌُرِڙِي: ث. ڌُرڙي- ڌدو ساهہ. سيسڙاٽ (دپ ۽ هراس ۾)- ڌڪڻي.

ڌَرَمُ: ذ (سن) پڪو حڪم (ميتا جو). عقيدو- ويساهہ. نيڪ ڪم. هندومت.

ڌرماتما: ص (سن) ڌرمي ريت تي هلندڙ. سخي. نيڪ.

ڌرماڻو: ص. ڌرم جي نالي ۾ ڌنل (دانُ)- خيراتي.

ڌرم پَتِي: ص. مڙس- گهروارو.

ڌرم پَتني: ث. گهرواري- زال.

ڌرم جا ڌڪا کائڻ: اجايو رلڻ- دربدر ٿيڻ.

ڌرمشالا: ث. نانڪ شاهي فقيرن جي رهڻ جي جاءِ- مسافرخانو. ڌرمي رسمن جي ادا ڪرڻ جي خاص جاءِ.

ڌرمي: ص. ڌرم سان واسطو رکندڙ.

ڌَرَڻُ: م. رکڻ. هيٺ رکڻ. کپائڻ. کوڙڻ. مڙهڻ (الزام).

ڏرلو: ذ. دروازي تي ڪپ ڪوڙي ويهڻ جي حالت (جيستائين مراد پوري نہ ٿئي). ويهڪ- ويٺڪ.

ڏرلو مارڻ، هڻڻ: ڪپ ڪوڙي ويهي رهڻ.

ڏري: ث. لوهہ جي سيخ جنهن تي ڦيٿو ڦري- ڌُري. محور.

ڏڙ: ذ. بنان سري جي بدن- ڍڙ. جسم- بُت. لاش.

ڏڙ ڏڙ: ث. دِل ڌڙڪڻ جو آواز.

ڏڙڪ: ث. دِل جي ڌڪ ڌڪ. دل جو دهڪو (ڊپ ڪان). ڊپ- خوف.

ڏڙڪڻ: م. ڌڪ ڌڪ ڪرڻ (دل). ڊڄڻ.

ڏڙڪو: ذ. دل جي ڌڪ ڌڪ. ڊپ- خوف.

ڏڙڪي: ث. ڊپ- خوف. انديشو. ڏڪٽي. رِلي- گودڙي.

ڏڙلو: ذ. گهوٻي- خيانت.

ڏڙو: ذ. بار (ساهميءَ جي ڪاٺ لاهڻ لاءِ). تورو- وزن (جو اڪثر مڻ جو ٿئي.) (ڌڙي اڍائي، پنجن، ڏهن ۽ ويهن سيرن جي ٿئي). ساهميءَ جي هڪ واري سان تور جو وزن. ساهميءَ جا پُڙ برابر ڪرڻ جو وزن. تولي- ميڙ.

ڏڙو پڌڻ: وارو وار ڪرڻ. لاڳيتو سلسلو جاري رکڻ.

ڏڙو ڪرڻ: ساهميءَ جي ٻنهي پُڙن ۾ وزن جي برابري ڪرڻ.

ڏڙ واڙي: ص. ڌڙو (وزن يا ماپ) ڪندڙ. اناج ميندڙ يا تور ڪندڙ.

ڏڙي: ث. وزن يا تور جي ڌڙي (اڍائي سيري، پنج سيري، ڏه سيري يا اڌ مڻي). جوڪ.

ڏڙي پڌڻ: وارو وار لاهڻ.

ڏڙو: ص. مکيہ ماڻهو. وڏو ماڻهو. شاهوڪار يا نالي وارو ماڻهو. اڳواڻ.

ڏڪُ، ڍڪُ: ذ. هٿ يا لڪڻ وغيره جي چوٽ. ڌڪو. لوڪر. صدمو- چيهو- نقصان.

ڏڪُ جهلڻ: پاڻ پيرو ٿيڻ. نقصان سهڻ. صدمو برداشت ڪرڻ.

ڏڪ ڪڍڻ: نقصان پهچائڻ. چوٽ رسائڻ. وعدي خلافي ڪرڻ.

ڏڪ مُٽ، ڏڪ مُڪ: ث. مارڪُٽ. هٿاپائي.

ڍڪَ: ث. ريڙهہ- ٺيلهو. ڌُوڪ.

ڍڪ ڍڪان: ث. لاڳيتو ٺيلهڻ يا ريڙهڻ لاءِ زور. ڪُلهي گس.

ڍڪُ: ذ. ٺيلهو. ٿابو. ڌڪو.

ڍڪارَ: ث. نفرت. ڪراهت. بُڇان.

ڍڪارڻُ: م. نفرت ڪرڻ. ڪراهت آڻڻ. ڌِڪڻ. پري ڪرڻ. لوڌڻ.

ڍڪاريلُ: ص. نفرت جوڳو. لوڌيل.

ڏڪائلُ: ص. زخمي. گهايل. نقصان هيٺ آيل.

ڍڪائلُ: هہ. لوڌيل- نيڪالي ڏنل.

ڏڪاءُ: ذ. ڪنهن ڳري شيءَ جي هيٺ ڪرڻ جو زوردار آواز. ٺهڪو. وڏو نڪاءُ.

ڏڪ ڏڪ: ث. دل جو ڌڙڪو.

ڏڪڙُ: ذ. هڪ پاسي وڄت واري پڪواز - طبلو. هڪ گاهہ جو سُڪل ٻُٽ.

ڏڪڙ تي آڻو: معاملي جي شروعات. ڪنهن ڪم جو علي الاعلان آغاز.

ڏڪڻُ: مَ. ڌڪ هڻڻ. زخمي ڪرڻ. صدمو رسائڻ. نقصان پهچائڻ. چيهو رسائڻ (واپار ۾).

ڍڪڻُ: م. ٺيلهڻ. ريڙهڻ. ڌڪا ڏيئي اڳتي ڪرڻ. سيرڻ. پري ڪرڻ. لوڌڻ.

ڏڪو، ڍڪو: ذ. ٺيلهو - نيلهو. صدمو. چوٽ.

نقصان. ڪرڻ جو عمل. ڌابو.
ڌڪا ڌُوما: ذ. ڌابا ڌوڌا. رولڙو - ڌاڪڙا.
ڌڪا کائڻ: رُلڻ - دربدر ٿيڻ. در در ڀٽڪڻ، تڪليفون ڏسڻ.
ڌڪو ڏيڻ: ڌيلهو ڏيڻ. هٽائڻ. ڪيرائڻ.
ڌڪي وَهيڻو: ظ. ڪمزور - هيڻو.
ڌُڪو: ذ. ٿُلهو ڏنڊو. گهوٻاٽو.
ڌُڪائي: ص. ڌُڪا هڻندڙ. بنان سوچ ويچار جي ڳالهائيندڙ. ٻٽاڪي.
ڌُڪو هڻڻ: بنا سوچ ويچار جي ٻڌائڻ. اندازي سان ڪٿ ڪرڻ.
ڌُڪي بازُ: ص. ڏندائي، اوٽ تي اهڃاڻ ڏيندڙ.
ڌَڪيل: ص. زخمي- گهايل. صدمو پهتل.
ڌِڪيل: ص. لوڌي ڪڍيل. بيڪار - نڪمو.
ڌَڪيلڻُ: م. ڌڪو ڏيڻ - ڌيلهڻ. ريڙهڻ- سيرڻ. هٽائڻ. پري ڪرڻ.
ڌَڳائڻ: م. ٻارڻ (ٻاهر). دڪيل ڪاٺين ڪوئلن کي مچائڻ.
ڌَڳڙو: ص. يار (عورت جو). سيندو.
ڌَڳڻُ: م. دکڻ. ٻرڻ (ڪاٺيون ڪوئلا)، جلڻ، ٻکڻ. چمڪڻ.
ڌِڱُ: ص. ٿلهو ۽ ڳرو (ماڻهو). ٿلهو متارو، سگهارو. پهلوان. سورهيه. مضبوط - ڏاڍو.
ڌَمَ: ث. زور سان دٻاءُ، دٻَ. سَٽَ.
ڌَم ڏيڻ: زور سان سَٽ يا دٻَ ڏيڻ.
ڌُمَ: ث. ڌُوم. انبوه. پيهه - ڳاهٽ.
ڌُمَ ڌَڙي: ث. زور شور.
ڌُمَ ٻڌڻَ، ڌُمَ لائڻ: وري وري چوڻ. واو وار لائڻ گهڻو زور رکڻ.

ڌَما. ڌَمان: ث. تجلو - چمڪو. رونق.
ڌَماچُ. ڌَماچو: ذ. ڪيمخواب (ڪپڙو).
ڌَما چَوڪِڙي: ث. هُل هنگامو - گوڙ گهمسان، ٻارن جو ٽپڻ ٽپڻ.
ڌَماڪو: ذ. زور ار آواز - ڌڪاءُ.
ڌَمالَ: ث (ع - دَمار) دهل يا نغاري جي هڪ وڄت (جنهن تي قلندري فقير ناچ ڪن). درويش يا وليءَ جي درگاه تي صبح شام نغارن جو واڄو- نوبت. ڪڪڙن جون ٻانگون.
ڌَمالَ ڪڍڻ: سيڪت ڏيڻ. مارڪُٽ ڪڻ.
ڌَمالِي: ص. ڌمال وڄائيندڙ.
ڌَمتالُ: ص. شاهوڪار- دولتمند. ڌنو مُنو. تمام ٿُلهو. سگهارو. چالاڪ- هوشيار.
ڌَمتَرُ: ص. ڌمتال.
ڌَمچَرُ. ڌَمچَڪَرُ: ذ. گوڙ گهمسان. هُل هنگامو. ٻکيڙو. چهچٽو.
ڌَمَڪَ: ث. پيرن جو آواز. هلڻ جو هلڪو آواز. زمين وهارڻ لاءِ لوهي وزندار اوزار.
ڌَمڪائِڻ: م. دٻائڻ- هيسائڻ. ڌمڪيون ڏيڻ. دڙڪا ڏيڻ.
ڌَمڪَڻُ: م. اڇي سهڙڻ. ترسڻ. ڪجهه دير لاءِ گهٽجڻ (سُور).
ڌَمڪِي: ث. دڙڪو (هيسائڻ لاءِ). تنبيهه.
ڌَمِي: ث. لوهارڪي ڪم ۾ ڪوري کي مچائڻ جو اوزار. گهوڙي گاڏيءَ جي چِٽِي.
ڌَمَڻُ: م. هوا ڦوڪڻ (ڌَنوَڻِ سان)+ ڌَنوَڻُ. زور سان دٻڻ.
ڌَنُ: ذ (سن) ناڻو- دولت- مايا- خزانو- ملڪيت.
ڌَن پَتِي: ذ. دولتمند- شاهوڪار.

ڏنو، ث. ڌيان– خيال– شوق– لڳون. عادت– هير. ڳالهه جي طرز.

ڏناڻ، ڏڻار، ذ. چوپايو مال چاريندڙ– ڌراڙ.

ڏناسري، ث. هڪ راڳڻي جو نالو.

ڏنڌ، ذ. مُنهن مير– ڪاراڻ. اَجهندو. غبار– لَڙ. لتَ. ماڪ يا مٽيءَ جو ڪڪر– ڪوهيڙو. اکين جي هڪ بيماري (جنهن ۾ نظر جهڪي ٿئي ۽ اکين اڳيان لَڙاٽ نظر اچي). نظر جي ڪمزوري.

ڏنڌ چڙهڻ، اکين تي لَڙاٽ چڙهڻ.

ڏنڌڪارَ، ڏنڌڪارُ، ث. غبار. لَڙاٽ. اوندهه.

ڏنڌلڪو، ذ. مُنهن اونداهي– مُنهن مير. ڪجهه اونداهي.

ڏندو، ذ. ڪِرت. پيشو. هُنر. روزگار. مشغولي.

ڏندوڏاڙي، ذ. ڪم ڪار. پورهيو ڪارهيو.

ڏنڌِي، ث. لٽ مار. انڌير– ظلم.

ڏنڌي لاهڻ، وري وري چوڻ– ڏِمر لاهڻ.

ڏنش، ث (سن) ڪمانَ– سِيڱَ.

ڏنڪَ، ڏنڪَ، ث (سن) انڊلٺ– قوس قزح. ست رنگي پانڪَ. ناز نخري واري چال– يار سان هلڻي. ناز– لاڏ.

ڏنوانُ، ڏنوَندُ، ص. شاهوڪار– دولتمند.

ڏنوَڻِ، ث. ڏمڻِ.

ڏنوَڻُ، م. ڏمَڻُ.

ڏڻُ، ذ. چوپايو مال (گهڻا جانور).

ڏڻارُ، ص. ڌراڙ.

ڏڪَ، ث. ڪڪڪ جو هڪ قسم (جنهن جو ڏاڻو ساڙ سبب ڪارو ٿئي).

ڏلڪو، ص. ڏَليڪو.

ڏڪڻُ، م. چُوندڻ– چوندي ڪڍڻ. پسند ڪرڻ.

ڏلوَندو، ص. مال وارو– ڀاڳيو.

ڏلي، ص (سن. ڌني) مالڪ. گهروارو– ڀتار.

ڏليڪو، ص. ڌڻيءَ وارو– وارث وارو.

ڏو، ظ. سڌو سنئون– پوري هنڌ تي.

ڏوبو، ذ. ڌوڏو– لوڏو (ڌرتيءَ جو)– زلزلو.

ڏوبي، ص. ڪَتِي– ڳاذر– پريٽ.

ڏوبي گهاٽ، ذ. ڪپڙن ڌوئڻ جو خاص ماڳ (تلاءُ، تَڙ، حوض).

ڏوتَپَ، ث. پڙوت– ڪُٽڀو. لائي چاڻي.

ڏوتپو، ذ. ڪُٽڀو– پڙوت. منافقي. چغلخوري.

ڏوتَلُ، ص. ڌوئي صاف ڪيل. اڇو اُجرو. پاڪ.

ڏوتل پوتَلُ، ص. بنهه خراب ليڙن وارو. بيحيا. بدليڻائي ۾ چونڊيل.

ڏوتو، ذ (سن. دُوت= قاصد) ڪُٽڻ– پڙوو– دلال. (ث. ڏوتي).

ڏوتِي، ث. ڳوڏ جو ڪپڙو– ڳوڏ. هندن جي لباس جو ڪپڙو.

ڏوتي جوڙڻ، همت هارڻ. انڪار ڪرڻ.

ڏوتِيو، ذ. ڳوڏ جو ننڍو ڪپڙو– انگوڇو.

ڏوپُ، ذ. ڪپڙا ڌوئڻ جو ڪم.

ڏوپ، ث (سن) اُسَ– ڏُپ.

ڏوپ ڇَتِي، ث. اُس کان بچاءَ لاءِ ڇَتِي.

ڏوپُ، ذ (سن) لوبان جو واسُ. لوبان– اگر. اُهو وکر جنهن جو واس ڏجي. خوشبودار وکر جو دونهون. ڇَوڙ (خاص سونارا ڪم آڻين).

ڏوپ داني، ث. ڌوپ ساڙڻ جي ڪٽڻي– اگرداني.

ڏوپ واسُ، ذ. اگر وغيره جو دونهون (چنڊي ڦيٽي سان ڳڏ).

ڏوپارِ، ظ. سڌو پار ويندڙ. پار پوندڙ. اڌ موٽ.

ڊوپڻ، ڊوپجڻ: م. پاڻيءَ سان صاف ٿيڻ. پاڪ ٿيڻ.
ڊوبو: ذ. ٺڳي - دوکو - دولاب.
ڏوچ: ث. چونڊ.
ڏوچڻ: م. ڏولڻ. چُونڊڻ.
ڊوڊ، ڊوڊو: ذ. بهتان - الزام. ظلم - ناحق - دغا.
ڊوڊ ٻڌڻ: الزام مڙهڻ - بهتان هڻڻ.
ڏوڏٽ: ذ. درياءَ جي وهڪري جو آواز - گجڪار.
ڏوڏو: ذ. مڇ آڙاهه. ڪورُو. ٽانڊن جو ڍڳ.
ڊوڏڻ: م. لوڏڻ. ڪُتل (ٽوڪري وغيره کي) ڏوڻ ڏيڻ. ڊوڻڻ (وڻ).
ڊوڏو: ذ. لوڏو. ڌڪو- ٺيلهو (هلڻ ۾).
ڏوڙ: ث. مِٽي - دز - رَتي - لَٽ. خاڪ - ڇار، رک.
ڏوڙ پائڻ: خراب ڪم ڪرڻ. بي فائدو ڪم ڪرڻ.
ڏوڙ ڏاڍيون ڪرڻ: مٽيءَ ۾ ملائڻ. برباد ڪرڻ.
ڏوڙ ڏڪاءُ: ذ. مرڻي جي هڪ رسم.
ڏوڙِ ڊوبو: ص. سونارن جي ڪُوريءَ جي رک صاف ڪري يا دڪان جي مِٽي صاف ڪري اُن مان سونَ يا چانديءَ جا ذرڙا هٿ ڪندڙ.
ڏوڙ ڪرڻ: خاڪ ڪرڻ. تباهه ڪرڻ - برباد ڪرڻ.
ڊوڙي: ذ. پاڇاريءَ ۾ آيل ٻيو ڍڳو. پيڇي - جوڙو.
ڏوڙيو: ذ. مِٽيءَ جو وسڪارو. جهڪَ. وسڪارو (موچڙن، گارين جو). هندن جو هڪ وڏو ڏينهن.
ڊوڙيو ڪرڻ: وسڪارو لائڻ (مٽيءَ، موچڙن، گارين جو).
ڏوڪ: ث. جهوڪ - ڦُسَ. ڪاهه - هلان.
ڏوڪ ڊوڪان: ث. اڳتي ڪاهه. دٻ ڦُس. گهه پيهه.
ڏوڪڙ: ث. ڏوڪڻ جو آواز. زوردار ڦوڪَ.
ڊوڪڙي: ص. ڏڪڙ وڄائيندڙ - طبلچي.
ڏوڪڻ: م. جهوڪڻ - گهوچڻ. زور سان اندر وجهڻ. ڦُسڻ. ڪاهي پوڻ. تڪڙو هلڻ. پنيان پوڻ.
ڊوڪو: ذ. دغا- فريب - ويساهه گهاتي. غلط فهمي. سراب.
ڊوڪي بازي: ث. ٺڳي - مڪاري - فريب. ويساهه گهاتي.
ڏوم: ث. هُل- شور. مشهوري. چو ٻول. شهرت- ناموس. هاڪ.
ڏوم ڌام: ث. زور شور. هل هنگامو. شان شوڪت.
ڊوم مچڻ: مشهوري ٿيڻ. ڳالهه هُلڻ.
ڏونڌاڙ: ث. لوڏو - ڏوڻ. جڪ تاڻ.
ڏونڌاڙ ڏيڻ: لوڏو ڏيڻ؛ سجاڳ ڪرڻ.
ڏونڌاڙڻ: م. مظبوطيءَ سان جهلي ڏوڻڻ. ڌوڏا ڏيڻ.
ڏونر سار: ذ. اڇي ۽ ميرانجهڙي رنگ تي ڪپڙو.
ڏونرو، ڏڏونرو: ذ. اڻ ولوڙيل جميل کير. ڏِهي. (ص) اڇو سفيد (وهٽ جو رنگ).
ڏونري: ث. 'تِلي' يا 'ساٿي' جي بيماري.
ڏونسَ: ث. دڙڪو - دهمان. ڪاوڙ مان دٻاءُ.
ڏوَهِ، ڏوَڙي: ث. لوهارڪي جي ڪوريءَ کي ڏڳائڻ لاءِ ڌمَڻ.
ڏوَهڻ: م. ساڳي ڳالهه هر هر چوڻ.
ڏوهَ: ث. لوڏو (ڪنڌ يا وڻ کي). چُونڊ.
ڏوهَ ڪرڻ: چونڊي ڪڍڻ. پسند مطابق ڪڍڻ.
ڏوڻڻ: م. ڌوڏڻ (وڻ). لوڏڻ (ڪنڌ). چونڊڻ - پسند ڪري ڪڍڻ.
ڊوڻو: ذ. لوڏو - ڌوڏو (وڻ کي).
ڏوڻي: ث. هلڪي دڪندڙ باهه - دونهين. سادو فقيرن اڳيان ٻرندڙ مچ. فقيرن جو مچ، واس ڌوپ.
ڏوئڻ، ڌُئڻ: م. پاڻيءَ سان صاف ڪرڻ. ميرُ ڪڍڻ

(ڪپڙن جو). پاڪ ڪرڻ. لاهڻ (اثر).
ڌُتارڻ، ڌُوتارڻُ: م. اڄو اجرو ڪرائڻ صاف ڪرائڻ. پاڪ ڪرائڻ.
ڌُتارڻي، ڌُوتارڻي: ث؛ ڌتارڻ جي اُجرت.
ڌِڙِ: ث. ڌيءَ - نياڻي.
ڌوئي ڇڏڻ: پاڻيءَ سان صاف ڪرڻ ختم ڪرڻ. آگهارڻ (ٿانءَ)
ڌَڻ ڌَڻ: ث. ڌوڻيءَ سان باهه جاڳائڻ جو آواز.
ڌَڻُ: م. ڌوڻ سان باهه جاڳائڻ.
ڌَڻڪي: ث. ڌُڻ جو نمونو - ڌُتارڻي.
ڌِيانُ: ذ (سن) خيال- تصور. توجهه. سُرت. هوش. سوچ ويچار. غور. فِڪر - انديشو. محويت - استغراق. مراقبو.
ڌيان ڏيڻ: توجهه ڪرڻ. سنڀال ڪرڻ.
ڌيان سان: ظ. توجهه سان- خبرداري سان. هوشياري سان.
ڌِيان ڪرڻ: خيال ڪرڻ. توجهه ڪرڻ. لحاظ ڪرڻ. مروت ڪرڻ.
ڌِياڻي: ث. ڌِياڻي - مالڪياڻي.
ڌِيجو: ذ. ٽيڪ جهَل. تسلي. آٿت.
ڌِيرَ: ث (سن) صبر - ماٺ - تحمل . ڌِيرج.
ڌِيرجَ: ث (سن) صبر - تحمل. ڍِرِ. ڪانڌ. تسلي.
ڌِيرج ڌارڻ: صبر ڪرڻ - تحمل ڪرڻ.
ڌِيري: ظ (ط) آهستي - هوريان. صبر سان. ماٺ ۾.
ڌِيمو: ظ. آهستي - ڍرو - هوريان. سست. هلڪو (آواز)- جهيڻو.
ڌِيڻ: ذ. اناج. اَنُ. چانور.
ڌِيءَ: ث. نياڻي - دختر. ڇوڪري،
ڌِيٺائو: ص. ڌِيٺن جهڙو. ڌيٺن جو.

ڏ

ڏ: ث. اُچار ’ڏي‘ (يا ’ڏال‘) سنڌي ’الف- بي‘ جو ايڪيهون اکر.
ڏابَ: ث. سِٽڻ جي مٿان ٻڌل گوڏ مثل ڪپڙو.
ڏاٻلو: ذ. ڪاٺ مان ٺهيل ڏَڪ سان ڊٻلو- ڏاٻلو.
ڏاٻلي: ث. ڪاٺ مان ٺهيل ڊٻلي.
ڏاتِ: ث. الله جي طرفان عطا ٿيل خوبي. عنايت. بخشش. مليل امانت- ڏانُ. سخا.
ڏاتارُ: ذ. ڏات ڏيندڙ. سخي.
ڏاترُ: ذ. ڏاتار.
ڏاٽو، ڏانٽو: ذ. لاباري ڪرڻ يا گاهه لڻڻ جو خاص اوزار.
ڏاٽو وجهڻ: وڍي ختم ڪرڻ. ناس ڪرڻ.
ڏاڻَ: ث. مهار جي آخر وارو وڏو ۽ ٿلهو ڏند- هَوڙَ.
ڏاڻَ هِرَڻ: هير ٿيڻ- چُوس پوڻ.
ڏاڻيلُ: ص. نالي چڙهيو. تجربيڪار. ڏاڻ هيٺ آيل- هيسيل.
ڏانو: ذ. جوئر ٻاجهري وغيره جي ڪاني جو ڳريءَ وارو سخت. ڪمند. جي ڳريءَ وارو سخت سنڌو. تماڪ جي سُڪل ڏانڊي.
ڏاڄُ: ذ. شاديءَ ۾ ڪنوار کي مليل سامان (ڪپڙو)

لٽو، ڳھہ ڳنو، سامان سڙو). ڏيپُ- ڏيجُ- ڏاجو.
ڏاجو؛ ذ. ڏاجُ.
ڏاڇي؛ ث. مادي اٺِ- اُٺڻي.
ڏاڏاڻا؛ ذ. پيءُ جو گھر يا خاندان.
ڏاڏر؛ ث. ڏڙڪو ڏھمان- ٿلھو ڏڙڪو.
ڏاڏو؛ ذ. پيءُ جو پيءُ- جَدُ.
ڏاڏنگُ؛ ذ. ڏاڏاڻي آڪھہ. اباڻو نسل.
ڏاڍَ، ڏاڍُ؛ ذ. سختي- جبر- ڏاڍائي. ظلم- انڌير.
ڏاڍائي؛ ث. سختي- مضبوطي. پختگي- پڪائي.
ڏاڍ- ظلم. زوري زبردستي.
ڏاڍَمُڙسِي؛ ث. زوراوري- سينہ زوري. زبردستي:
ڏاڍو؛ ظ. سخت- پڪو. مضبوط- پختو. سگھو.
ٿاٺر. ڪرڙو- جبرو.
ڏارُ؛ ذ. ڦوٽُ- شگاف- سِيرَ- چيرُ. وڻ جي ٽلھي ٽاري- ٽارُ.
ڏارَڻُ، ڏارِڻُ؛ م. چيرڻ- ڦوڙڻ (ڪاٺ).
ڏارو؛ ذ. ڌريل اَنُ (ڪڻڪ، چانور وغيره). ڌريل ڪڻڪ جو رڌل ڀَتُ. ٿلھو پيٺل يا ڪُٽيل اَنُ. چانورن يا ڪڻڪ جو ٻُوسو (جيڪو مال جي چاري طور ڪم اچي). ونجھوٽي راند ۾ ڏوڙين جي ٽاڙي.
ڏارو ڏيڻ؛ ٽاڙي ملائڻ. ڪنھن رٿا جي قبوليت طور ٽاڙي ملائڻ.
ڏاڙھہ؛ ث. ڏاٺ- ھَوڙَ. ڪُتي يا ڪنھنَ جانور جو چَڪُ.
ڏاڙُھہ؛ ذ. وڏي ۽ پڪڙيل ڏاڙھي. (ص) وڏي ڏاڙھي وارو.
ڏاڙھَڻُ، ڏاڙِھڻُ؛ م. چَڪُ پائڻ (ڪُتي جو). ڦٽڻ. ڪاوڙ مان تکو مَنو ڳالھائڻ. بيھودو ڳالھائڻ.
ڏاڙُھون؛ ذ. ھڪ قسم جو ميويدار وڻ ۽ ان جو ڦرُ- انار.
ڏاڙھي؛ ث. سُونھاري- رِيش.
ڏاڙھي پَٽَ؛ ث. ھٿين پوڻ- جانيُوٽا ھٿڻ. جھيڙو. جُٺ- بيعزتي.
ڏاڙھي ڏيکارڻ؛ مُنھن ڏيکارڻ. روبرو اچي ملڻ.
ڏاڙھي ڏيڻ؛ پڪو واعدو ڪرڻ- انجام ڪرڻ.
ڏاڙھيارُ؛ ص. ڏاڙھيءَ وارو. ڏاڙھيءَ جو مانُ رکندڙ.
ڏاسَ؛ ث. ٻاڪري مال جا وارَ يا ٻُجَ.
ڏاسَ ڪاتِرُو؛ ص. ڏاس ڪترينڌڙ. ٻُز. بيوقوف.
ڏاسو؛ ذ. تازي چاول ڦرَ (چيلو، گابو، پاڏو) جو چيٺو. ننڍڙي ٻار جو ڀَڙو ڪاڪوس.
ڏاڦي؛ ث. ڊگھي ڳن سان وڏي ڏوڻي.
ڏاڪَ؛ ث. ڪانيءَ جا وڍيل ٽُڪَرَ. جلاڻو ڪانين جي وڍيل لاڪَڙَ (جيڪا ٻارڻ، ۽ قبر ۾ ساميءَ کي ڍڪڻ ۾ ڪم اچي). اُلٽي- ڦيءِ. ڏيڏرن جو ٽرڪو.
ڏاڪَ چُمِي؛ ث. ھڪ ٻاراڻي راند.
ڏاڪارَ؛ ث. اوگرائي (کاڌي بعد وات رستي پيٽ مان نڪتل ھوا).
ڏاڪَڻَ؛ ث. مٿي چڙھڻ لاءِ ڪاٺ جي ڏاڪن سان چاڙھي.
ڏاڪِڻِ؛ ث. ڏاڪڻ.
ڏاڪو؛ ذ. مٿي چڙھڻ لاءِ پير رکڻ جي پؤڙي- زينو. چاڙھيڪو (جبل جو). درجو. طبقو.
ڏاڪِڙو؛ ذ. ڏکيو پنڌ. آوکي منزل. جفاڪشي- ڪشالو. سخت محنت- ھلاکي وارو پورھيو. جدوجھد- جاکوڙو.
ڏاڪِڻو، ڏاڪڻيو؛ م. ڏکڻ جو- ڏکڻ وارو.
ڏاگھہَ؛ ث (سن. داه) وڏو مَچُ. ھندن ۾ مڙدن کي ساڙڻ لاءِ مَچُ- چِکيا.

ڏاگهہَ چڙهڻ: چکيا تي چڙهڻ. هندڪي رسم موجب پَتيءَ جي لاش سان گڏ يا جدا سڙي سَتِي ٿيڻ.

ڏاگهہُ: ص. ڍِگهين ٽنگن وارو- ڄانگهڙيل.

ڏاگهو: ذ. اٺ- ڪَرهو.

ڏالِي: ث. باغ جي ميوي جو اهو حصو جيڪو مقاطعيدار ميوي لهڻ تي باغ جي مالڪ کي ڏئي.

ڏامَرُ: ذ. هڪ قسم جو تيل- مصالحو (جيڪو معدنيات مان نهي ۽ رستن ٺاهڻ جي ڪم اچي)- تارڪول. (ص) ڪارو- سياه.

ڏاميجُ: ص. لانجهو. بي اعتبار. لُچو. حرڪتي.

ڏاڻُ: ذ. ڏاڻُ. مليل بخشش.

ڏانٽو: ذ. ڏاتو.

ڏاندُ: ذ. ڍِڳو.

ڏاندُ ڏَهَڻُ: بخيل مان ڪم ڪڍڻ.

ڏاندَ ڏهڻو: ص. ڪنجوس- مرچوٽ. موذي- شوم.

ڏاندارُ: ذ. ڪاٺ يا لوهہ جي ڏندن وارو پاهوڙو (جنهن سان ڪک ڪچرو، پانُ، گاهہ، اَنُ وغيره ميڙجي). (ص) وڏن ڏندن وارو.

ڏاندارِي: ث. ڏندن واري پاهوڙي.

ڏاندُوڙو: ذ. مٽي مان ٺاهيل ۽ باهہ ۾ پچايل ڏاندڙو- ڏاند واري شڪل تي رانديڪو.

ڏاندُو: ص. وڏن ڏندن وارو.

ڏاندِ: ث. پَنَ جي ٿُلهي نَس. ڏانڊِي.

ڏانڊو: ذ. مٿاهين زمين يا ٻني (جنهن تي پاڻي چڙهي يا بيهي نہ سگهي).

ڏانڊِي: ث. سنهي ٽاري (پن يا گُل جي جَهل واري). پن يا گل جي ڏُنڊي. گُونچ. ٽاري- لام. تماڪ جو ڪَڏو.

ڏانڊيا: ذ. 'ڏانڊيا' ناچ ۾ ڪم ايندڙ ڏڪَر.

ڏانگَ: ث. ڊِگهي لٺ. ڏانگهہ.

ڏانگِي: ص. نانگ بلا جي ڏنگيل تي جهاڙ رکندڙ.

ڏانگهہَ: ث. ڏانگَ.

ڏانوَرُ: ذ. ڪوريئڙي جهڙو هڪ جيت.

ڏانوَڻُ: ذ. اُٺ کي اڳين ٽنگن ۾ ٻڌڻ جو رسو. شاديءَ جي هڪ رسم موجب لانئن کان اڳ ڪنوار جي در تي گهوٽ کي پَٽ جو ڌاڳو ڳچيءَ ۾ وجهڻ.

ڏانوَڻُ ڏانئِڻُ: هڪ رسم موجب ڪنوار جي ڪوٺيءَ واري در جي ڪُنڊي ۾ سُٽ ٻڌي گهوٽ جي پير جي آڱوٺن ۾ سَٽ وَر ڏيڻ.

ڏانوڻ ڪپڻ، وڍڻ: ٻارڙي جي ڄنگهن ۾ سڳي جو ڏانوڻ وجهي اهو وڍڻ جي رسم.

ڏانوڻي، ڏاوِلي: ث. هڪ قسم جو زنجيري ڳهہ جيڪو نرڙ مٿان بيهي.

ڏانهُن: ظ. اُن طرف- اُن پاسي.

ڏاۡءُ: ذ. نمونو- ڍنگ- طرز. دستور- ريت. هلت. تجويز.

ڏانِي: ص. ڏن پريندڙ. تابع. مطيع.

ڏاڻُ: ذ (سن. دان) عطا- بخش. دانُ. انعام. تحفو. ڪنهن درويش وٽان مليل ڏات. سُنگ- محصول. چوپائي کي ٽنگن ۾ ٻڌڻ جو رسو- ڏاوڻ.

ڏاڻ ڏيڻ: راضي ٿي انعام ڏيڻ. وهٽ کي تيل، گيهہ وغيره جي اوت ڪرڻ.

ڏاوِلي: ث. ڳهہ جو هڪ قسم- ڏاوڻي.

ڏاهہَ: ث. ڏسَ پتو. اُهڃاڻ. آڳاهي. ڄاڻ. خبر. ٻانهي- گولي.

ڏاهہَ ڏيڻ: ڄاڻ ڏيڻ- خبر ڏيڻ.

ڏاهہ وِجهڻ: خبر هلائڻ- مشهور ڪرڻ.

ڏاھہ: ث. مڙدي کي ساڙڻ واري باھہ- ڏاگھہ. ساڙ- حسد. دشمني.

ڏاھو: ص. سمجھہ- عقلمند. سجاڻ. سياڻو. هوشيار. چالاڪ. ويچ. (ث ڏاهي).

ڏاهي: ث. ميھيءَ جو هڪ قسم.

ڏائڻ: ث. مُڙدن جو ماس کائيندڙ هڪ خيالي عورت- ڏاڪڻ. پواتني عورت. بدصورت ۽ ڊيڄاريندڙ عورت.

ڏائڻُ: م. ڏاوڻ وجھڻ. رسي وغيره سان ٻڌڻ. ڪَڙڻ.

ڏائو: ذ. کٻو پاسو- کاٻو هٿ. ڏائي هٿ وارو پاسو. اُبتو. (ضد= سائو). (ث. ڏائي)

ڏائي: ث. نشاني. اُميج. واپاري اصطلاح موجب مُلھہ ڪٿڻ لاءِ ڪپڙي ۾ هٿ ويڙهي آڱرين سان ڏنل اشارو. رستي جي نشان لاءِ مٽيءَ جي ڍڳي. پاڻيءَ ۾ ٻہ آڱريون ڏيڪاري ٽٻي ڏيڻ واري راند. درياہ ۾ پاڻي جي ماپ لاءِ کوڙيل ڪاني.

ڏٻرائي: ث. ايرائي. ڪمزوري- هيڻائي.

ڏٻرو: ص. ايرو. ڪمزور- هيڻو.

ڏٻو: ذ. اهو چوپايو جنهن جا سڱ لڙيل هجن. ٽين يا لوھہ جو دٻو.

ڏٻڻ، ڏٻجڻُ: م. چوپائي (مينهن، ڍڳي، ٻڪري وغيره) مان کير نکرڻ.

ڏت: ث. سوڀيا. ڏيک- نظارو. ڏيا. زور- سگھہ.

ڏَتَڙُ: ذ. خراب ٽڙ. ڏکيو ٽڙُ (دريا يا سمنڊ جو).

ڏتڙجڻُ: م. دربدر ٿيڻ. اوجھڙ ۾ پوڻ. گمراہ ٿيڻ. ڪنگال ٿيڻ.

ڏتڙڻُ: م. بدحال ٿيڻ. ڪنگال ٿيڻ. بيراہ ٿيڻ.

ڏٿُ: ذ. جھنگ ۾ پيدا ٿيل شيون جيڪي ضرورت وقت کاڌي طور ڪم اچن (ڏوٿرا، پُسي وغيره). جھنگلي گاہ مان نڪتل اَنُ.

ڏتائي، ڏتئي: ص. ڏتو ڏيندڙ. کوڙو دلاسو ڏيندڙ- گشائي- ٻٽاڪي.

ڏتڻُ، ڏتِڻُ: م. مُنهان تار پرڻ. زور سان دٻائي پرڻ (ڳوڻ. دٻو وغيره). پَرڻ- تار ڪرڻ.

ڏتو: ذ. ٻُوچ- ٻُنجو. لِيڙو. دٻي جو مُنهن بند ڪرڻ لاءِ اِڱڙي نوڙي يا گاھہ جو مُچو. کوڙو دلاسو.

ڏتو پُوزي: ث. دم دلاسو. کوڙ ٻٽاڪ.

ڏتو ڏيڻ: کوڙو دلاسو ڏيڻ. ٺلھو آسرو ڏيڻ.

ڏتو ڏمٽو: ص. ٺلھو متارو. سگھارو.

ڏِٺِ: ث. نظارو- ڏيکاءُ. ڏيکُ. نظر- بينائي.

ڏِٺ پِرولي: ث. ڪنهن واقعي يا نظاري تي ٺهيل پِرولي (ڳجھارت جو هڪ قسم).

ڏِٺلُ: ص. نظر آيل- معلوم ٿيل. ڄاتل سڃاتل. آزمايل.

ڏٺل واِٺلَ: ص. ڄاتل سڃاتل. معلوم ٿيل.

ڏِٺو: ص. ڏٺل. ظاهر- عيان. (ث. ڏِٺي).

ڏِٺو ڪرڻ: ظاهر ڪرڻ- پڌرو ڪرڻ. خوار ڪرڻ- بدنام ڪرڻ.

ڏپُ: ذ. سگھہ- زور. سَتُ- ٻَلُ. قُوَتَ.

ڏپُ، ڏِپو: ذ. سُڄيل ماس جو ڳوڙهو- سوڄ.

ڏپهرَ: ذ. ٻہ پهر. منجھند.

ڏپهرو ڪرڻ: منجھند جي ماني کائڻ ۽ آرام ڪرڻ.

ڏجَڻُ: (سن. دُرجَن) ويري- دشمن

ڏجھو، ڏنجھو: ذ. تڪليف- آزار. درد- پيڙا.

ڏجھو ڏيڻ: صدمو رسائڻ. تڪليف ڏيڻ. تنگ ڪرڻ. ايذائڻ- آزارڻ.

ڏچَرُ: ص. مسخرو. پيشہ ور مسخرو. بيهودو.

ڏچَرُ: ذ. چڱيءَ طرح چارو يا گاہ نہ کائيندڙ جانور. (ضد. سُچَر).

ڏچو: ذ. فساد- وڳوڙ. ڦيٽارو. آزار. مصيبت.

ڏچو پرڻ: ٻئي جي ٿيل نقصان جي پورائي ڪرڻ.

ڏڏ: ذ. عيب- نقص (ڪنهن شيءِ ۾). ٿڪي يا ٻڙي ۾ داغ يا ڪچائي جو نشان.

ڏڏ: ذ. ڪير. لسي- ڇهڻ.

ڏڏڙي: ث. ساون مٽرن جون رڌل ڦريون- مٽري- پکي.

ڏڏل: ص. عيبدار. هيٺو. ڏڪويل.

ڏڏل: ص. نچوڙيل. پيڙيل. ستايل.

ڏڏور: ص. ڏڏل. هيٺو. ڏڪويل. آزاريل- ستايل. آڌ رڌو (آن).

ڏڏ: ص. موڳو- ڪند ذهن- غبي.

ڏڏر: ص. ٿلهو پيٺل- ڏريل (اناج وغيره). چاپاڪي (بيماري) جا ڏڙپ.

ڏڏرڻ: م. ڏڏر ڪرڻ- ڏارو ڪرڻ. چيپي چٽي پورا ڪرڻ.

ڏڏو: ذ. ڪوڙي دعوي- تهمت- الزام.

ڏڏو ڏڪر، ڏڏو ڏيکر: ذ. دڙڪو دهمان. جٺ ٺٺ. هاتڙ هوتڙ.

ڏڍ: ذ. دلداري- تسلي- دلاسو. سهارو- پرجهلو. پنيرائي- واهر. چمڙيءَ جي هڪ بيماري.

ڏڍ ڏيڻ: دلداري ڏيڻ. آٿت ڏيڻ. مدد جو آسرو ڏيڻ.

ڏر: ث. زمين ۾ ڪنهن جانور جي کوٽيل ٻُر.

ڏر: ذ. ڪپڙي جو ٻرُ (ويڪر). ڪپڙي جي تاڪيي مان ڦاڙي جدا ڪيل ٽڪر. ڏٻ- ڀؤ. خطرو- انديشو.

ڏراج: ذ. ڪشالو- تڪليف- ڏاکڙو.

ڏراڇو: ص. ڏکويل- آزاريل. هيسيل. هيٺو.

ڏرائڻ: م. ڏارو ڪرائڻ- ٿلهو پيهائڻ (آن).

ڏرت: ذ (سن. ڏرت) مصيبت- هڇا- آزار. ڏولائو. ڏڪار.

ڏرت ڏنار: ذ. اهنج آزار. ڏڪار ڏولائو.

ڏرڙ، ڏرڙ: ذ. سوراخ (زمين ۾). ڦوڙ- شگاف. چرَ- غار.

ڏرمائڻ: م. رنج ٿيڻ. انڪار ڪرڻ- نٽائڻ. ڪرڪڻ- خفي ٿيڻ.

ڏرڻ: م. ٿلهو پيهڻ- ڏارو ڪرڻ. ڦوڙڻ. تباه ڪرڻ. ڊڄڻ.

ڏرڻي: ث. پيهہ. چپ. سيڪت.

ڏرو: ذ. زمين ۾ کوٽيل چرو (ٿوٿي وغيره کوڙڻ لاءِ). (ص) ڪاٺي جي ڪڏ- گهڻ ڪاٺو- هبچي.

ڏرا ڏيڻ: اکين ۾ ڪڏون پوڻ. اکيون پيهي وڃڻ.

ڏري: ث. پکي جو هڪ پاسو (عام طرح پکي ۾ ٻه ڏريون ٿين). ڪپڙي جو ڏر.

ڏريو: ذ. ڏريل آن. ڪڻڪ وغيره جو ڏارو.

ڏڙهہ: ذ. غيرآباد ۽ نوٽ زمين.

ڏڙهو: ذ. سٽ جو ڪينهون- ڪينهوڙو.

ڏڙهي: ث. چڙ مان چڙٻ. دڙڪو.

ڏڙهيون ڏيڻ: چڙٻون ڏيڻ. دڙڪا ڏيڻ.

ڏس: ث. ٻڌائڻ جو عمل. اهڃاڻ- اشارو.

ڏس ڪرڻ: ٻڌائڻ- اشارو ڪرڻ.

ڏس: ذ. پار پتو- اهڃاڻ. اشارو.

ڏس پتو: ذ. پار پتو. سڌ سماءُ. خبرچار.

ڏس: ث. (سن. ڊِشا) طرف- پاسو.

ڏس ڪاڻي ڪرڻ: ڪارپت وڃائڻ. اعتبار پيڄڻ.

ڏسا سُول: ذ. سيارن ستارن جا اهڃاڻ (جن مطابق سياڳ نياڳ جا سوڻ ڳڻيندين).

ڏسائڻ: م. ٻڌائڻ. سڌ سماءُ ڏيڻ.

ڏسجڻ: م. پسجڻ. ظاهر ٿيڻ.

ڏسڪڻ: م. سڏڪڻ- سڏڪا ڀري روئڻ.

ڏسڪو: ذ. سڏڪو.

ڏِسندو: ظ. ايندڙ مهينو (جيڪو ڏسبو).

ڏِسندي: ظ. فورا– يڪدم. جهٽ پٽ.

ڏسندو رهڻ: خيال رکڻ. نظرداري ڪڻ.

ڏَسَڻُ: م. ڏيکارڻ. ڏسُ ڏيڻ. اشارو ڪرڻ. ٻڌائڻ. سَچي ڪرڻ.

ڏِسَڻُ: م. نظر ڪرڻ– نهارڻ. تڪڻ. جاچڻ. تپاسڻ. معائنو ڪرڻ. مشاهدو ڪرڻ. خيال ڪرڻ– غور ڪرڻ. آزمائڻ– پرکڻ. ڳولڻ. مطالعو ڪرڻ.

ڏِسَڻ وائسڻ: جاچ جوچ ڪرڻ. ڳولا ڪرڻ. نظرداري ڪرڻ. غور ويچار ڪرڻ.

ڏِٺو وائٺو: ص. چڱيءَ طرح واقف. جاتل سڃاتل. جهانديدو.

ڏسڻي: ث. اشارو ڪندڙ آڱر (آڱوٺي جي پرواري آڱر)– شاهد آڱر.

ڏِسڻي: ث. ڪن لفظن، عنوانن وغيره جي فهرست.

ڏٽو: ذ. هڪ قسم جو هٿيار (ڏِکيي ڪاٺيءَ ۾ لوهي ڇهنب سان).

ڏٽي: ث. ننڍو ڏٽو. ڪريءَ جهڙو لوهي اوزار.

ڏٽيرُ: ص. ڏٽو هڻندڙ شڪاري.

ڏٽيرُ. ڏٽيڙُ: ذ. ڦوٽ (ماڻهن ۾) – اختلاف. وڳوڙ. بغاوت. ڦيٽ. ڦيٽاڙو – نفاق.

ڏڪُ: ذ. ڪاٺيءَ جو ننڍو گول ٽڪر. ڏڪَرُ.

ڏُڪُ. ڏُڪو: ذ. نوجوان ڇوڪريءَ جو اُره.

ڏڪارَ: ث. اوڳرائي - ڏاڪارَ.

ڏڪارَ. ڏڪاروڻ ڏيڻ: اوڳرايون ڏيڻ ڏٺو جون مَستيون ڪرڻ. مال هضم ڪرڻ.

ڏُڪارُ: ذ. ڏکيو وقت (اناج جي کوٽ وارو) – قحط – ڪالُ. اڻاٺ – قلت.

ڏُڪاريو: ص. ڏڪار جو ماريل. اهو واپاري جيڪو اَنُ گڏ ڪري مهانگو وڪڻي.

ڏڪائِڻُ: م. ٿڙڪائڻ - ڪنبائڻ. ڇرڪ وجهڻ. ڊپ ڏيارڻ.

ڏڪ ڏڪندو: ص. سيءَ يا تپ ۾ هڙڪندو.

ڏڪَرُ: ذ. ڪاٺيءَ جو ننڍو ٽُڪر. اِٽي ڏڪر راند ۾ ڪم ايندڙ ڏڪر.

ڏُڪَرُ: ذ. ڏُڪار.

ڏڪَڻُ: م. ٿڙڪڻ. ڪنبڻ. ڏُڏڻ – لُڏڻ. لرزڻ. هُڙڪڻ (سيءَ کان).

ڏڪِڻي: ث. ڪنبڻي – ٿڙڪڻي – لرزش. هُڙڪي (سيءَ کان).

ڏِکَ: ث. شاديءَ جي هڪ رسم (جنهن ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار کي شاديءَ کان ٽي ڏينهن اڳ سينگار ڪرائي ڄلي ۾ وهارين). ڪنوار جو شاديءَ کان اڳ سينگار.

ڏِکَ وَهارڻ: شاديءَ جي هڪ رسم موجب گهوٽ ۽ ڪنوار کي موڙ ٻَڌائي سيج تي وهارڻ (ان سان گڏ پيا سات سَوڻ ڪرڻ).

ڏُکُ: ذ (سن) غم – رنج – ارمان. سُور – اهنج – ايذاءُ. تڪليف– عذاب.

ڏُکَ ڀريو: ص. ڏکويل – غمگين. افسوسناڪ.

ڏک ڀوڳڻ: ڏک سهڻ – تڪليفون سهڻ.

ڏُک ڏاڪڙا: ذ. تڪليفون، ڪشالا ۽ مصيبتون.

ڏک ڏورايا: ذ. سورن ڏکن جو بيان. ميارون.

ڏکَ ڏسڻ: تڪليفون ڏسڻ. عذاب ڪاٽڻ.

ڏکَ ڏولاوا: ذ. ڏک ڏاڪڙا.

ڏُک سک: ذ. خوشي ۽ غم. رنج ۽ راحت، اهنج سهنج.

ڏک سَهڻ: تڪليفون برداشت ڪرڻ.

ڏکَ وَندڻ: ڏک سُور اورڻ. حال پاڻي ٿيڻ. غمخواري ڪرڻ.

ڏک ڏيڻ: آزارڻ. عذاب ڏيڻ. سختيون ڏيڻ.

ڏکارو: ص. ڏکويل - غمگين. رنڊهارڪو.

ڏکائڻُ: م. ايذائڻ. تڪليف ڏيڻ. ڏک ڏيڻ. سُورَ ڪرائڻ. رنجائڻ.

ڏکَڙو: ذ. (ڏک جو تصغير) غم - رنج. افسوس.

ڏکڙا روئڻ: ڏک بيان ڪرڻ. سُور بڌائڻ.

ڏکندو: ذ. درد - غم. سُور - ڏک. آزار (بيماري جو) بيماري. (ص) ڏک جهڙو. ايذائيندڙ. ڦٽيل - گهايل.

ڏکڻُ. ڏکَڻُ: ذ (سن. دڪشن) جُنوب - ڪاڇيل.

ڏکڻ قطب: ذ. ڌرتيءَ جي ڏاکڻي چوٽيءَ وارو ماڳ (اتر قطب جي لحاظ سان ڏکڻ قطب. جيتوڻيڪ اتي ڪو قطب تارو ڪونهي).

ڏکَڻُ: م. سُور ڪَرڻ. ايذاءُ ڪرڻ.

ڏکڻو: ڏک ڏيندڙ - ڏکوئيندڙ. نازڪ مزاج.

ڏکِڻا: ث (سن. دڪشنا) ڪنهن ساڌو فقير کي ڏنل دان. پيٽا - نذرانو.

ڏکڻهاري: ث. هڪ قسم جو زهري جيت (آڏامي ءِ ڏنگ هڻي).

ڏکو: ذ. اهنج - ايذاءُ. دهشت - هيبت. ڪاوڙ - تاب. ڏپ.

ڏکو ڪرڻ: دڙڪو داب ڪرڻ. سيکت ڏيڻ. هيسائڻ - هراسڻ.

ڏکوئڻُ: م. ڏک ڏيڻ. ايذاءُ ڏيڻ. اهنجائڻ. تڪليف ڏيڻ. رنجائڻ.

ڏکويل: ص. غمگين - رنجيدو. آزاريل.

ڏکي: ث. ڏک ڏيندڙ. اهنجي - مشڪل. رنجائيندڙ (ڳالهه).

ڏکي لڳڻ: اها ڳالهه جنهن جي ٻڌڻ سان ڏک ٿئي. طعنا مهڻا ٻڌي رنج ٿيڻ.

ڏکيائي: ث. تڪليف - اهنجائي - مشڪلات. لاچاري. سوڙهه - تنگي.

ڏکيو: ص. اوکو - مشڪل - اهنجو. تڪليف وارو. الانگو. ناخوش - ارهو. آزاريل - ستايل.

ڏکيو سکيو: ظ. جيئن تيئن ڪري - مشڪلات سان. بيوسيءَ ۾.

ڏگرُ: ذ. ڪاٺ جو ٽُڪرو (جيڪو ڪنهن سوراخ کي بند ڪرڻ لاءِ هڻجي).

ڏگِري: ث. ڪاٺ جي ٿانوَ يا تختي جي سوراخ کي بند ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جي ڇٽي.

ڏگهه: ص. وڏين ٽنگن وارو - ڄانگهڙيل. ڊگهي قد وارو. وڏيءَ عمر وارو پر عقل ۾ گهٽ.

ڏگرُ: ذ. سِگن وارو جانور - حيوان. (ص) بيوقوف.

ڏگِرو: ذ. ڪاٺ جي ٿُلهي مُهري (جنهن سان ڪپڙا، آنُ، سنگ ڪُٽجن).

ڏگِري: ث. ڪپڙن سٽڻ لاءِ سوٽي.

ڏلڻُ: م. رُلڻ - دربدر ٿيڻ. پنڪڻ. ڪنگال ٿيڻ.

ڏلهڻُ: م. پَرڻ - ڪَنا تار ڪرڻ. گهوچڻ - جهوڪڻ. پيٽ پري کائڻ. گهڻو کائڻ.

ڏلهو: ذ. لٺي جي سنهين تارين مان ٺهيل ٽوڪرو (جيڪو مِٽي ڍوئڻ ۾ ڪم اچي).

ڏلها ڪڍڻ: مزوري ڪرڻ. سخت پورهيو ڪرڻ.

ڏمرُ: ذ. ڪاوڙ - چڙ - غصو. ناراضگي.

ڏمرُ ڏوٺُ: ذ. ڏوهه گناهه جو پڇاڻو. سزا جزا. حرف حساب.

ڏمِرجَڻُ: م. ڪاوڙجڻ - رنج ٿيڻ. چڙڻ.

ڏمِرڻُ: م. ڏمرجڻ.
ڏمَندَ: ذ. آندي ۾ پيدا ٿيندڙ ھڪ قسم جا ڪينئان.
ڏَنُ: ذ. ڍل- خراج- محصول. مرشد يا درويش. يا درگاه کي ڏنل نذرانو.
ڏَنُ ڀَرُو: ص. ڏن ڏيندڙ. باجگذار- تابعدار.
ڏنبُ: ذ. سڙيل ھنڌ جو نشان (جسم يا ڪپڙي تي). ڪنھن بيماريءَ جي علاج طور ڏنل ڏڌو.
ڏنبَ ڏيڻ: عذاب ڏيڻ- سُورَ ڏيڻ. صدما پھچائڻ.
ڏنبرو: ذ. مڇيءَ جو ھڪ قسم- ڪُرڙو.
ڏنبَڻُ: م. ڏنب ڏيڻ. ساڙڻ- داغڻ (ڪنھن تتل شيءِ سان). طعنا مھڻا ڏيڻ. دل ساڙڻ. ساڙ ڏيڻ. چڙٻ سان ڳالھائڻ.
ڏنجھُ: ذ. تڪليف- جاکوڙ. آزار- مصيبت. رنج.
ڏنجھو: ذ. ڏنجھُ.
ڏنجھا ڏيڻ: تڪليفون ڏيڻ. آزارڻ.
ڏندِ: ث. وَٽِ- ڪنار (ڪپڙي جي).
ڏندُ: ذ (سن. دَنت، ف. دندان) انسان يا جانور جي وات ۾ ھڏين جي قطار (جن سان کاڌو چٻاڙجي).
ڏندَ ٽيڙڻ: اجايو کِلڻ.
ڏند ڏڙڪو ڪرڻ: ڪجھ نہ ڪجھ کائڻ- ماني ھلائڻ. ٿلھو رعب رکڻ.
ڏند چَڪُ ڪرڻ: واتورجڻ- گھٽ وڌ ڳالھائڻ.
ڏند ڏسڻ: چمار ڏسڻ (جانورن جي).
ڏند ڏيکارڻ: کاوڙ جو اظھار ڪرڻ. رعب ويھارڻ.
ڏندَ شِڪَ: ث. ناراضگي. مٿاڇري دوستي.
ڏندَ ڪڍڻ: بي حيائي سان کلڻ.
ڏند ڪرٽڻ: کاوڙ ۾ ڏند پيھڻ. تند ۾ ڏند گسائڻ.
ڏند کٽا ڪرڻ: بيزار ڪرڻ- بيوس ڪرڻ. ھَڪَ ڪرڻ.
ڏند کُڙڪو: ذ. ڏندن جو آواز. چيڙڪو. دڙڪو دھمان.
ڏند ڪوٽِڻي: ث. ڏندن کوٽڻ لاءِ چاندي يا ٽامي جي چھنبياري تار- ڏنديلي.
ڏِندرو: ص. وڏن ڏندن وارو. ڊگھن ڏندن وارو (ث. ڏندِري).
ڏندَڻُ. ڏندِڻُ: م. ڏاٽي يا ڪاراٽي وغيره جا ڏندا ناھڻ يا تکا ڪرڻ.
ڏندَڻُ: ذ. نم، ڪبر، ٻٻر وغيره جي ساٺي ٽاري (جيڪا ڏندن ۽ وات صاف ڪرڻ جي ڪم اچي)- مِسواڪُ.
ڏندَڻ پوڻ: بيھوشيءَ ۾ ڏند ٻِچي وڃڻ.
ڏندَڻِجڻ: م. بيھوشي وغيره جي حالت ۾ ڏند ٻچي وڃڻ.
ڏندو: ذ. ڪاراٽيءَ يا مشين جي ڪنھن چڪريءَ جو ڏندو. ڦڻيءَ جو ڏندو. ھرلي يا نار جي چڪر جو ارو.
ڏندُو: ص. وڏن ڏندن وارو.
ڏندِي: ث. ڏندن جي قطار.
ڏندي ڏيڻ: زباني تڪرار ڪرڻ اجايو بحث ڪرڻ. کَھُرو ڳالھائڻ.
ڏندِيلي: ث. ڏند کوٽڻي.
ڏندين ڏاندُ: ذ. پنھنجي مڙسيءَ وارو. جوان. خود مختار. سگھو.
ڏنبُ: ذ. جُرمانو. عيوض (ڏوھہ جو). تاوان. چٽِي. ڪسرت ۾ اٺ ويھہ جو عمل. جانور جو سِڱَ (جيڪو گودڙ يا فقير ٺوڪ سان وڄائين)- نفير- سِڱي. (ص) ٿلھو متارو.
ڏنبِ ڀرڻ: جرمانو ادا ڪرڻ. چٽِي ڀرڻ.
ڏنبُ وجھڻ: ڏوھہ جي عيوض مقرر رقم ڀرڻ لازم

ڪرڻ- ڇني وجهڻ.
ڏنب: ث. ڏانڊي. گوڏنچ. پوڇڙ (گجر بصر جي).
ڏنبرُ: ص. بي پرواهه- بي فڪر. ٿلهو متارو.
ڏنبو: ذ. سوٽو- ڏڪو. جهنڊي جي ڇڙ. ڀنگ تاڏل وغيره گهوٽڻ لاءِ مُهرو. (ص) ٿلهو متارو- مضبوط (جسماني طرح).
ڏنباڻي: ص. ڏنبا هڻندڙ- ڏڪي باز- ويڙهاڪ. جهيڙاڪ.
ڏنبو ڪڍڻ: جهيڙي لاءِ تيار ٿيڻ. سختي ڪرڻ.
ڏنبو مُٺو: ص. ٿلهو متارو. سٽروٽر.
ڏنبي بازي: ث. جهيڙو فساد. مارڪُٽ.
ڏنبي: ث. ڪاني. سنهون لڪڻ. ساهميءَ جو ڪانو.
ڏنبي هڻڻ: تورَ ۾ ساهميءَ جي ڪاني کي لوڏو ڏيڻ (جنهن ۾ گهٽ وزن بہ پوري تور ڏيکاري). ٺڳي ڪرڻ.
ڏنبي: ث. ڏانڊي. گوڏنچ. ٻُوند. ڏُنب.
ڏنگُ: ذ. وڇون يا ڏينيو وغيره جو زهريلو ڪنڊو- نيش. وهٽن کي ڏنگيندڙ هڪ قسم جو جيت (وڏي مک). وزن (دوا يا امل جو). ڪارڪ جو هڪ قسم.
ڏنگ لڳڻ: تڪليف پهچڻ- نقصان رسڻ.
ڏِنگُ: ذ. وَرُ- وڪڙ- پيچ. ڪپٽ- لچائي. حرڪت.
ڏِنگائي: ث. حرڪت- شرارت- لچائي. اڙدائي. ڏنگُ- ٽيڙُ- وَرُ.
ڏنگڄڻُ: م. ٻَلا. پتون وغيره جيت کان ڏنگ لڳڻ. ايذاءُ پهچڻ.
ڏنگڻُ، ڏنگڻُ: م. پتُون ٻَلا يا ڪنهن زهري جيت جو ڏنگ هڻڻ. ايذائڻ.
ڏنگڻي: ث. گاهه جو هڪ قسم (جيڪو ڪپڙن کي چُهٽي پوي).
ڏنگو: ذ. ڇڪُ- وَڏُ- گهاءُ. ڏڪو.
ڏِنگو: ص. ڦڏو- مُڙيل- وريل- وِنگو. حرڪتي- لُچو- شرير. اڙدو (ث. ڏِنگي).
ڏنگي: ث. نج سون جي لسري. سُني چانديءَ جي لٺ.
ڏنو: ذ. ڇهبڪ، ڇَهي وغيره جو جسم تي نشان- ٻَنو- نيلُ. ٺڪري- جبل جو ٽوڙهه. متاهون پَٽُ.
ڏِنو: ذ. ڏنل چيز (خدا ڪارڻ). نذر- تحفو. صدقو. بخشش- خيرات.
ڏِنو پَنو: ذ. خيرات يا صدقي جو نيڪ اجورو.
ڏِنو ورتو: ذ. ڏيتي ليتي. ڏي وٺ.
ڏنءَ، ڏنُون: ذ. ساڙ- حسد. ڪينو. عداوت. ڏنجهه- آزار.
ڏني: ث. ڏنو. ڪَنڊي. ڪنارَ. متاهون پَٽُ.
ڏنيَل، ڏِني: ص. بيوه- ڦلاونتي.
ڏِهُ: ذ (سن. دِن) ڏينهن. وڏو ڏينهن. ٻارهن ماهو ڏينهن- پرب.
ڏِهُ وارُ: ذ. ڏينهن ڏهاڙو- وڏو ڏينهن.
ڏُواءُ: ث. بددعا- پٽ پاراتو.
ڏُواءُ: ذ. خراب ان وڻندڙ هوا.
ڏُوبُ: ذ. ڪير ڏُهڻ جو ڪم- ڏُهائي. ڪير ڏيندڙ مال جي ڪير ڏيڻ وارو عرصو.
ڏُوٽُ: ص. گهٽو ڪائيندڙ- پيٺو. هبچي.
ڏُوٽو: ز. ڦوٽ- ڪاڏو. چوٽو.
ڏُوٽي: ث. ڏُٽ تي گذران ڪندڙ. ڏُٽ ڪائيندڙ مارُو ماڻهو. غريب.
ڏوٺُ: ذ. ميار. ڪاوڙ. ڏکُ- رنج. (ص) بيرحم- سنگدل.
ڏوجرو، ڏوجهرو: ذ. ڪشالو. ڏولائو. آزار.
ڏوڙ: ث. ڏهائي- ڏوبُ.

ڏوڙي، ص. ڪير وڪڻندڙ. ڏڏ ڪير وڪڻندڙ. هڪ تاري جو نالو.

ڏوڏو، ذ. ڏينو- ڏيلهو (ڪپهه، پُست وغيره جو). پِنُ جو ٻج. آگر جي گريءَ وارو سنڌ- ٽلي. ڏونڪو- هَليلو.

ڏوڏي، ث. پُست جي ٻوٽي جو ڦُرُ (جنهن مان آفيم نڪري).

ڏورَ، ث. سُٽ، سٽي وغيره جي سنهي تند. تند. ڌاڳو- ڏورو. لغڙ اڏائڻ جو ڌاڳو. لاٽون ڦيرائڻ جو ڏورو. مڇيءَ جو ڏورو.

ڏورَ واڳَ، ث. عام مختياري، اختياري، حق واسطا. آزادي.

ڏورُ، ذ. سگهڙ پائي جو هڪ هُنر (ڪنهن واقعي بابت اشارن اهڃاڻن واري واقعي تي ٻڌل بيت).

ڏورِ، ظ (ف. دُور) پري- بعيد. جدا- الڳ.

ڏوراڏو، ظ. ڏوراهون. تمام پري.

ڏوران ڏورِ، ظ. تمام پري- ڏورانهون.

ڏورانهون، ظ. تمام پري. (ث. ڏوراهين).

ڏورانهين، ث. پرانهين- دُوري.

ڏوراپو، ذ. شڪايت- گِلا. ميار.

ڏوراپا ڏيڻ، ميارون ڏيڻ. شڪايت طور ڏک جو اظهار ڪرڻ.

ڏورڙو، ذ. هڪ قسم جو ڳهه- ٻانهن رکي.

ڏورَڻُ، م. پنڌ پوڻ. پٽڪڻ. هلڻ. پُٺ وٺي ڳولڻ- ڳولا لاءِ پٺيان پوڻ. ڳولڻ. گهوڙي ميڙڻ.

ڏورِٽو، ذ. پاڃاريءَ جو ٻاهريون ڪِلو (جنهن سان ڏيگي جو ڪنڌ قابو ڪجي).

ڏوڻا ڏيڻ، ڪم ڪار ۾ واهر ڪرڻ. ڏک سک ۾ حال پائي ٿيڻ.

ڏورو، ذ. ٿلهو ڌاڳو. ڳانو. زري يا مقيش واري پٽي. ڳهه جو هڪ قسم.

ڏورِي، ث. سنهون ڌاڳو. تند. پانڪ. واڳ. رَسِي.

ڏوريءَ ۾ هجڻ، چٺي ۾ هجڻ. حڪم ۾ هجڻ.

ڏوريو، ذ. سوٽي ڪپڙي جو هڪ قسم.

ڏوڙِ، ث. ڪپڙي جي ڪناري- وَٽِ- پلاند.

ڏوڙو، ص. ٻيٺو- ٻٺو. ڦِڏو- وريل.

ڏوسو، ص. پوڙهو. ڪنجوس.

ڏوڪا، ذ. ڪجيون- ڪارڪون- ڇوهارا.

ڏوڪرو، ذ. ڇوڪرو. (ث. ڏوڪري).

ڏوڪَڻُ، م. ڍُڪ پرڻ. پيئَڻ. ڏوگهڻ.

ڏوڪاهو، ز. ڏڪيائي- اهنجَ.

ڏوڪي، ص. ڏک وارو- ڏک سهندڙ.

ڏوگاهو، ذ. ڏولاٿو- اهنج. ڏڪار.

ڏوگهَڻُ، م. وڏا ڍڪ ڀري پيئڻ. تڪڙ ڪري پيئڻ. گهٽو پيئڻ.

ڏوگهو، ز. اُڃ. گهٽي اُڃ.

ڏولُ، ذ. لوهه ٽِينُ وغيره جو ڪليل منهن وارو ٿانءُ- دٻو. ڏڪار. انقلاب.

ڏولُ، ص. برباد- تباهه- ناس.

ڏول ڪرڻ، چٽ ڪرڻ- ناس ڪرڻ. برباد ڪرڻ.

ڏولاٿو، ذ. وڏي تڪليف. ڏَتيڙُ. مصيبت. وِڳوڙ.

ڏولي، ث. بادشاهن يا زالن کي کڻڻ لاءِ خاص قسم جو تنڊو پينگهو- محافو. لاش کڻڻ لاءِ خاص قسم جي کٽ.

ڏومُ، ذ. مڱڻهار.

ڏون، ص. ٻه عدد.

ڏونرو، ذ. ٺونٺ ڪان ڪلهي تائين ٻانهن جو حصو. ٺونٺ ڪان مٿي گوشت جي مُشڪ. ڪرڙ جو ڪچو ڦُرُ

(ڏٽ طور ڪم اچي)- ڏيلهو.

ڏونرو لوڪڻ: وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ.

ڏونڪو: ذ. دهل يا نغاري وڄائڻ لاءِ خاص گهڙيل ڪاٺي. ڏانديو. هَليلو- ڏوڪو.

ڏونڪا: ث. جهمر ناچ جو هڪ قسم- ڏونڪا راند.

ڏونڪو لڳڻ: نغارو وڄڻ. ڪنهن واقعي جو اعلان ٿيڻ.

ڏونڪي جاچي: ص. تماشبين. تالي ماتر سات ڏيندڙ.

ڏونگرُ: ذ. جبل- ڪوهه- پهاڙ.

ڏونگر ڏارڻ: سخت جفاڪشي ڪرڻ. جبل ٽاڪڻ.

ڏونگرُ ڏورڻ: جبل جهاڳڻ. تڪليفون سهڻ. جاکوڙ ڪرڻ.

ڏونگرِي: ث. بصر- پياز.

ڏونگهو: ص. ڏونگهيءَ جهڙو ڪاٺ جو پيالو. ٺولهو. ڪُوندو. ٽِڪو- داغ- عيب. (ظ) اونهون- عميق.

ڏونگهِي: ث. سُڪل ناريل جو اڌڙ- ڪوپرو.

ڏوڻ: ث. پيڻ.

ڏوڳو: ص. بيٺو. ٻٽو- دهرو.

ڏوهُ: ذ (سن. دوش) قصور- خطا. گناهه- پاپ. الزام. ميار. حرف.

ڏوهاري: ص. گنگهار- ڏوهي. قصوروار. مجرم.

ڏوهه ڏيڻ: الزام ڏيڻ. گنهگار ڪرڻ.

ڏوهي: ص. ڏوهاري. قصوروار. گنهگار.

ڏوهِڙو، ڏوهيڙو: ذ. ٻه سٽو بيت- دوهو. بيت.

ڏوهو: ذ. کير ڏهندڙ- ڏُهائي ڪندڙ. کير ڏهڻ جو ٿانءُ.

ڏوئِلو: ذ. ڪاٺ جي وڏي ڏوئي. هڪ قسم جو آبي پکي- ڏوئِل.

ڏئو: ذ. سُرو (ڪاٺ کي ڪائيندڙ جيت). ڳارالو- جهوري. پيٿُوڙي.

ڏوئِي: ث. ڪاٺ جو چمچو- ڏُوئلو.

ڏهَ: ص (ف. دَه) هڪ عدد- ڏهاڪو.

ڏهَ ڏِسيُون: ث. ڏهه طرف (الهندو، ايرندو، اُتر، ڏکڻ، هيٺ، مٿي، ڏکڻ ايرندو، ڏکڻ الهندو، اتر الهندو، اتر ايرندو).

ڏهُوڻ: ث. ڏهه پيرا وڌيڪ.

ڏِهاڙو: ذ. ڏينهن- روز. وڏو ڏينهن.

ڏِهاڙي: ث. روز جو اجورو- روزاني مزوري. (ظ) روزانو- هر ڏنهن.

ڏهاڪو: ذ. ڏهن جو مجموعو. (١٠).

ڏُهاڳُ: ذ. نياڳ- بدبختي. وڇوڙو- فراق. رناپو. (ضد. سُهاڳ).

ڏهاڳڻ: ث. مڙس جي طلاق ڏنل يا ڇڏيل عورت- رنڙ- ڏنيل. نياڳي.

ڏُهائو: ذ. کير ڏهڻ جو ٿانءُ- ساڙهو. ڏوپُ. (ص) ڏکيو. (ضد. سُهائو).

ڏُهائي: ث. ڏوڌ. کير ڏهون جو عمل.

ڏُهائِي: ث. رياضي موجب ڏهن حصو.

ڏُهٽو، ڏوهٽو: ذ. ڌيءَ جو پُٽ. (ث. ڏُهٽِي).

ڏُهٽاڻ: ث. ڌيءَ جو اولاد.

ڏهَرُ: ذ. دل جو خالُ. ياهه. ٻرندڙ جهنگل. مدح جي بيتن جو هڪ قسم (ملتان وارن بزرگن يا مخدوم نوح جي ساراهه جي مضمون ۽ ذڪر جا بيت). واريءَ جي ٻن ٽٻن جي وچ واري هيٺاهين سڌي زمين (جتي برسات تي آبادي ٿئي).

ڏهَرو: ذ (ف. دير= عبادتگاه) بتخانو- ڏيرو- مندر.

ڏهسنامو: ذ. سنڌي شاعري ۾ سگهڙپائي جو هڪ

قسم (جنهن ۾ هر بيت ۾ ڪنهن شيءِ جا هڪ کان وڌيڪ نالا ڏجن، ڏه نالا هجن).

ڏمڪارُ؛ ذ. هراس- خوف. ڏاڪو- ٿرٿلو. ڏمڪاءُ.

ڏمڪاءُ؛ ذ. هراس. ڏاڪو. دهشت. دبدبو.

ڏمڪڻُ؛ م. ڊڄڻ- ڏڪڻ (خوف ۾). هراسجڻ.

ڏمڪو؛ ذ. ڊپ- خوف- ڀَئو. هيبت. رعب.

ڏهلو؛ ذ. تاس ۾ ڏهن داڻن وارو پتو.

ڏهلو؛ ص. ڏکيو. ستايل. اٻالو. مشڪل- تڪليف وارو. اهنجو (ضد. سُهلو).

ڏهنائي؛ ث. ڳالهائڻ ۾ ڪو ڏکيو اشارو. اهڃاڻ. طعنو.

ڏهنائيون ڏيڻ؛ ڏوراپا ڏيڻ. طعنا مهڻا ڏيڻ.

ڏهڻُ؛ م. ٿڻ مان کير نچوئي ڪڍڻ. ڏهائي ڪرڻ.

ڏهي ڇڏڻ؛ سُڃو ڪرڻ- ڪنگال ڪرڻ.

ڏهو؛ ذ. ڏهه ڏينهن. ڏهن ڏينهن جو روزو. ڏهن ڏينهن جو چلو. محرم مهيني جا پهريان ڏهه ڏينهن- عاشورا. فوتيءَ جي ڏهين ڏينهن جي هڪ رسم. ڏهاڪو.

ڏهو ڏيڻ؛ سڀ ڪجهه چورائي وڃڻ. ڦري لُٽي وڃڻ.

ڏهو ڪڍڻ؛ هڪ هنڌ گوشائتو ويهي ڏهن ڏينهن جو چلو ڪڍڻ. ترلو مارڻ. بک ڪڍڻ.

ڏهي؛ ث. جميل کير- ڏونرو. گهاٽي لسي- مَهِي. ڪورڪي اصطلاح موجب اُڻاوت کان بچيل سُٽ جون تندون- تاڃيءَ جي ٻيڙي وارو سُٽ.

ڏهيون نڪرڻ؛ ڪپڙي مان سُٽ جون تندون نڪرڻ. ڪپڙو زبون ٿي ليرون ليرون ٿيڻ. ڌاڳي ڌاڳي زبون ٿيڻ.

ڏهيرو؛ ڏهيلو؛ ص. ڏکيو- اهنجو. اٻالو. هيٺو.

ڏهيسَرُ؛ ص. ڏهن سِرن وارو. مٿير- سورهيه.

ڏُڪارُ؛ ذ. ڏُڪار- قحط. ڏکيو وقت. اڻاٺ. مرض- روڳ. آزار.

ڏِڱڻُ؛ ذ. ڏِيڻُ.

ڏِئو؛ ذ. ڏِيو.

ڏُئو؛ ذ. اُها هوا جيڪا هڪ طرفي يا هڪ ساريکي نه هجي. اڻاٺو واءُ. خراب موسم.

ڏُئوٽُ؛ ذ. گهٽو ڪاٺيندڙ- پيئڙ- ڏُئيٽُ.

ڏُئيٽُ؛ ص. راڪاس- ڏُئيٽُ. پيٺُو- هبڇي.

ڏيا؛ ث. ڊپ- ڀَئو. دهشت- ڏمڪاءُ. حشمت. زور- طاقت. مٿيا- جوت- تجلي.

ڏِياٽِي؛ ث. ننڍڙو ڏِيو. مشعل. ٻرندڙ فتيل. ڏِيي جي وٽ.

ڏِياچُ؛ ذ. ڏيندڙ- ڏاتار. سخي راجا "راءِ ڏياچ".

ڏِيارَڻُ؛ م. وٺي ڏيڻ- حوالي ڪرائڻ.

ڏِيارِي؛ ث (سن. ديپ آولي) هندن جو هڪ ڏهاڙو (جيڪو رام جي موٽي اچڻ تي ملهائين ۽ ان ڏينهن تي گهڻا ڏيا ٻارين).

ڏيبُ، ڏيپُ؛ ذ. ڏاج- ڏاجو.

ڏيٽي ليٽي؛ ث. ڏي وٺ. ليکو- وهنوار. هندن ۾ ڪنوارين جو گهوٽين کي روڪڙ وغيره ڏيڻ جي رسم.

ڏيٺِ؛ ث. سڃاڻپ- جاڻ سڃاڻ- واقفيت.

ڏيٺ ويٺِ؛ ث. ملاقات ۽ ڪچهري. جاڻ سڃاڻ. دوستي ياري.

ڏيٺِي؛ ص. جاڻو سڃاڻو- واقف ڪار.

ڏيٺارو؛ ذ. ڏيکاءُ (جن ڀوت جو). جِن ڀُوت جو اثر. ڊپ واري خواب ڏسڻ کان پوءِ ڊپ وارو چرڪ.

ڏيجُ؛ ذ. ڏاج- ڏاجو- جَهيز. ڪنوار کي ماٽن وٽان مليل سامان.

ڏيڏَرُ؛ ذ. پاڻيءَ جو هڪ مشهور ساهوارو. ڏونري واري مشڪ. (ث. ڏيڏري).

ڏيڏري: ث. ننڍڙو ڏيڏر.

ڏيڍ: ص. هڪ سڄو ۽ ٻئي جو اڌ.

ڏيڍ چانور: ذ. سامان- اثاثو.

ڏيڍو: ذ. ڪنن ۾ پائڻ جو زيور- وڏو والو. وڃت جو هڪ تار. (ص) اڏو- ڦڏو. ڇبو. ونگو. پاسيرو.

ڏيڍي: ث. گهر جي دروازي اڳيان اڏيل ڀت (جيڪا اندر گهر ۾ نظر پوڻ کان روڪي). ڪڄيءَ جو هڪ قسم.

ڏير: ذ. مڙس جو ڀاءُ.

ڏيراڻي، ڏيرياڻي: ث. ڏير جي زال.

ڏير: ذ. گاهه جو هڪ قسم (پاڻيءَ جو گاهه).

ڏيرو: ذ. گهر. حويلي. محلات. ديرو. ديوي ديوتا جي بُت رکيل جاءِ- ڏيورو.

ڏيريدار: ص. ديري ڏٺي. پڳدار.

ڏيساندر: ذ. ڏيساور.

ڏيساور: ذ. پرانهون ملڪ- پرڏيهه. ڏاريو ملڪ.

ڏيک: ذ. نظارو. ديدار. لقاءُ. نمائي. جنسار. ٻاهريون لباس.

ڏيک: ذ. جانچائڻ- معائنو ڪرائڻ. جاچائڻ. ديدار ڪرائڻ. پسائڻ. اکين اڳيان ڪرڻ. حاضر ڪرڻ. روبرو ڪرڻ.

ڏيکارو: ڏيکائي. لقاءُ. عجيبات جو ڏيکارو.

ڏيکاءُ: ذ. نظارو. نمائش. ديدار. ظاهرداري. بناوت.

ڏيکائي: ث. ڏيکاءُ. ظهور. نمائش.

ڏيکائي ڏيڻ: ڏسڻ ۾ اچڻ- ديدار ڪرڻ. نظر ۾ اچڻ. ظهور ۾ اچڻ.

ڏيک ويک: ذ. ظاهري ڏيکاءُ. ٻاهرين ٺاهه ٺوهه. نمائش. ٺاهه ٺوهه.

ڏيل: ذ. جسم- بدن- بُت. قدبت. قدقامت. هانءِ- بدن جي بيهڪ. شڪل صورت.

ڏيلهو: ذ (اڪ جو) دوڏو. (ڪرڙ جو) ڏونرو.

ڏينئو: ذ. هڪ قسم جو اڌامندڙ زهري جيت (ٻه قسم: سنڌي ڪکر. قنڌاري چيلاٽو).

ڏينئوڙي: ث. تروڪڙي (جسم تي سُئيءَ سان گول نشان ڪري نيري يا ڳاڙهي رنگ سان ڀريل تلڪ). ٽِلوڪڙي.

ڏينو، ڏينهو: ذ. ڏيلهو- گوگڙو- ڏوڏو.

ڏينهن: ذ. سج اڀرڻ کان وٺي سج لهڻ وارو عرصو- روز- ڏهاڙو. روشن وقت. زمانو- دور- وقت. موسم- رُت.

ڏينهان ڏينهن: ظ. روزبروز- هرروز.

ڏينهن اچڻ: وقت اچڻ- مُند اچڻ. وارو اچڻ.

ڏينهن ٻڌڻ: شادي وغيره جي تاريخ مقرر ڪرڻ.

ڏينهن ٿيڻ: صبح ٿيڻ. سج اڀرڻ.

ڏينهن ٽارڻ: ٻنپهرن جو آرام ڪرڻ. ڪاڙهي ۾ ساهي کڻڻ. مانجهاندو ڪرڻ.

ڏينهن پُڄڻ: حياتي پوري ٿيڻ.

ڏينهن پورا ڪرڻ: حياتي جيئن تيئن گذارڻ.

ڏينهن جا تارا ڏيکارڻ: سخت سزا ڏيڻ- سيڪت ڏيڻ.

ڏينهن چڙهڻ: سج مٿي اچڻ. ٻه پهر ٿيڻ.

ڏينهن ڏلو: ظ. چٽو ڏينهن. ظاهر ظهور- کُليو کُلايو.

ڏينهن ڏهاڙو: ذ. ڪوبه وڏو ڏينهن.

ڏينهن ڏسڻ: خوشيءَ جو دور گذارڻ.

ڏينهن راتِ: ظ. هروقت.

ڏينهن ڪاٽڻ: وقت گذارڻ. ڏکي سکي حياتي گذارڻ.

ڏينهن گذرڻ: گهڻو وقت لڳڻ. وڏو عرصو ٿي وڃڻ.
ڏينهن ڳڻڻ: انتظار ڪرڻ.
ڏينهن لِڙهڻ: سج اُلهندي ڏانهن جهڪڻ- شام ٿيڻ.
ڏينهن لٿي: ظ. سج لٿي جي مهل- رات جو.
ڏينهون ڏينهن: ظ. روزبروز- هرروز. جڻن پوءِ ٿئن. ويران وير.
ڏينهن وڏو ٿيڻ: وقت گذارڻ ڏکيو ٿي پوڻ.
ڏِيَڻُ: م. حوالي ڪرڻ. عطا ڪرڻ. دان ڪرڻ. خيرات ڪرڻ. بخشش ڪرڻ. نذر ڪرڻ. پيش ڪرڻ. وڪڻڻ. ادا ڪرڻ. چُڪائڻ (حساب).
ڏيڻ وٺڻ: ذ. ڏيتي ليتي. ڏي وٺ. واپار.
ڏِيَڻو: ذ. ڏيڻ جوڳو. (ذ) قرض.
ڏيڻَ: ث. ڏائڻِ.
ڏِيو: ذ (سن. ديپ) مٽيءَ مان ٺهيل چراغ.
ڏِيو ٻارَڻُ: روشني ڪرڻ. نالو روشن ڪرڻ. قائم رکڻ (نالو).
ڏيوُ: ذ (سن. ديو) ديوتا. ديوَ.
ڏيوالو: ذ. قرض ادا ڪرڻ جي پهچ نہ هجڻ جي حالت. گهاٽو- نقصان. سُڃائي- ڪُنگالي.

ڏيوالو ڪڍڻ: ڪنگال ٿيڻ ۽ قرض جي ادائگي نہ ڪرڻ جو اعلان ڪرڻ (هڪ رسم تہ جڏهن ڪو واپاري قرض نہ ادا ڪري سگهي تہ دڪان يا ڪوٺيءَ جو سامان هيٺ مٿي ڪري، ڏينهن جو ڏيو ٻاري ڇڏي جنهن مان سندس ڪُنگالي جي خبر پوي). سڃو ٿيڻ. ڪنگال ٿيڻ.
ڏي وَٺِ: ث. ڏيتي ليتي. مٽاسٽا. واپار. وهنوار. معاملو. تڪرار. سگَ ڏيڻ وٺڻ جي رسم.
ڏيِورو: ذ. مندر. جين ڌرم وارن جو مندر. شِوَ جي پوڄا جو آستانو.
ڏيوِري: ث. ننڍڙو مندر. ديوتا جي بُت رکيل آستان. ننڍو آستانو. نشاني طور اڏيل قُبي.
ڏيهُ: ذ (سن. ديش) وطن. ملڪ. ديس.
ڏيهان ڏور: ظ. وطن کان پري. پرديس ۾. تمام پري.
ڏيهہ نيڪالي: ث. ملڪ بدري- جلاوطني.
ڏيهي: ص. ڏيهہ جو- ملڪ جو. وطن جو- ديسي.
ڏِيهاڙي، ڏِيهالي: ظ. روزانو- روزمره.
ڏِيئوَ: ذ. ڏِيو- چراغ.

ڊ

ڊ: ث. سنڌي "الف- بي" جو ٻاويهون اکر. اُچار "ڊي" ۽ "ڊال".
ڊاپو: ذ. منزل. ٿوريءَ دير لاءِ آرام ۽ ساهي لاءِ ويهڪ.
ڊاپو ڪرڻ: منزل ڪرڻ. ساهي کڻڻ لاءِ ٿوري دير ويهڻ.
ڊاپو: ذ. ڊَبن واري جُوءِ (جنهن زمين ۾ ڊِبَ گهڻا هجن)- ڊاٻي.
ڊاٻي: ث. ڊابو. ڊبن واري ڏاڍي زمين.
ڊاٽَ: ث. ڊاهڻ (اکر، تحرير) جو عمل. ڪا اٽاوت ڊاهڻ.
ڊاٽ ڊوٽَ: ث. ڊِڄ ڊاهہ. لکيت يا اکر ڊاهڻ.
ڊاڙ: ث. بي بنياد ڳالهہ- ٽَٽُ. افواهہ. ٻٽاڪ. لٻاڙ.
ڊاڙَ ٻٽاڪ: ث. لٻاڙون. ڪچهري ۾ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون. اجايون ڳالهيون.

ٻاسوڙي، ث. واریاسي زمین. ڏسڙ واري زمین.
ٻاڪ ٻنگلو، ذ. سرڪاري رهایش واري جاءِ.
ڊاڪٽرُ، ذ (انگ) طبیب- ویج. جراح. انگریزي طب جو ماهر. علم حڪمت جو ڄاڻو. عالم- فاضل. محقق. ڪنهن علم ۾ وڏي ڊگري ورتل.
ڊاڪُو، ص. ڌاڙیل. ڌورو.
ٻاکَ، ٻراکَ، ث. میوي جو هڪ قسم (عام طرح ڪارِي ٻاک).
ٻاکَہ، ث. ڏسڙ واریاسي زمین.
ٻاماهو، ذ. دوا طور ڪم ایندڙ ٻوٽو.
ٻامَڻُ، ذ. گاهہ جو هڪ قسم (ڪارو یا اڇو سنگ ٿئي. مال کائي).
ٻامَڻَ ساٿُ، ذ. شاديءَ جو هڪ ساٿ.
ڊانڊِرجَڻُ، م. پيٽ ڦوڪجڻ (پرتي ٿيڻ). آڦرجڻ. ڦوڪجڻ- سيڄجڻ (بدن). ڪاوڙجڻ- اَڪڙجڻ.
ڊانوان ڊَولُ، ظ. هيٺ مٿي- درهم برهم- اُلٽ پُلٽ. رولو- دربدر.
ڊاهَہ، ث. ٻاٽ. ڦٽائڻ جو عمل.
ڊاهہِ ٺاهہ، ث. ٺاهڻ ۽ ڦٽائڻ.
ڊاهَ ڊُوهَہ، ث. ڊاهڻ ۽ ڀڃڻ. ڦٽائڻ.
ڊاهِڻُ ميٽڻ- ميسارڻ. ڦٽائڻ. ڪيرائڻ. هيٺ اڇلائڻ. ڀڃڻ. بگاڙڻ (صورت). ڏَسڻ.
ڊاءُ، ذ. ڊپ- ڀؤ- خوف- انديشو- اُڌڪو.
ڊائري، ث (انگ) روزمره جي يادداشت- روزنامچو.
ڊائريڪٽرُ، ذ (انگ) منتظم. اڳواڻ- مک. سربراهہ.
ڊائِلُ، ذ (انگ) گهڙيال يا واچ جي انگن نشانن واري تختي.
ٻائِي، ث. پاڻ ۾ گڏجڻ لاءِ مقرر ڪيل وقت ۽ جاءِ. وارو (راند جو).
ڊَبِلُ، ص (انگ) ٻيڻو. ٻٽو. ٿلهو- موٽو.

ڊَبَل روٽِي، ث. خميري جي ٿلهي تنوري روٽي. ڪوري ۾ پڪل هڪ قسم جي روٽي.
ڊَٻڻُ، م. زور سان پِرڻ- گهوڇڻ.
ڊِپَہ، ث. مٽيءَ جو ڍِگ- ڍڙو. واريءَ جو قدرتي ڍِگ- ڀِٽَ.
ڊَٻڙُ، ذ. جيت جي چڪ يا ڌڪ سبب بدن تي ماس جي اڀوڙهي. نِيلُ.
ڊَٻو، ذ. ڊَبو- ڏولُ.
ڊَٻُو، ذ. ٻاراڻي راند جي گول ٺڪري.
ڊَپُ، ذ. هڪ ٻوٽي جو قسم (جنهن جو گاهہ نوڙين وٽڻ لاءِ ڪم اچي). اکين ۾ وجهڻ جي دوا (ڇَوڙ، رسوَل ۽ سُرخيءَ مان ٺهيل)- ڦُڙو. زخم تي لڳائڻ جي دوا.
ڊَپَ ڄمڻ، گهڻو وقت لڳڻ. گهڻو وقت سيڙجڻ.
ڊَپِرو، ذ. ڊپن واري ايراضي.
ڊيري جو ڪمي، ذ. مفت ۾ ڪمائيندڙ. بيگاري. ڌتڙيل. نڌڻڪو.
ڊَپِڻُ، م. اکين ۾ ڦڙو وجهڻ. زخم ۾ دوا پرڻ.
ڊَپُوري، ث. ڊين وانگر جلد وڌندڙ (چوڪريءَ لاءِ چون، جيڪا جلدي جوان ٿئي).
ڊِٽُ، ڊِلو، ص. ٺر- ضدي- هوڏي.
ڊَٻَلُ، ص. ڪِريل- پَٽ پيل. زبون.
ڊَپُ، ذ. ڀَئو- خوف- ڊِڄُ. هراس. اُڌڪو- انديشو. هيبت- دهشت.
ڊَپاڻو، ص. ڊپ جهرو- ڀوائتو.
ڊپ ڪرڻ، ڊڄڻ. ڪڙ کائڻ.
ڊپٽي، ذ (انگ) نائب- عيوضي.
ڊِڄُ، ذ. ڊپ- خوف- ڀَؤ. هراس.
ڊِڄَڻُ، م. ڊپ ڪرڻ- ڪڙ ڪرڻ. دهلجڻ. ڇرڪڻ. هراسجڻ.

ڊڄلو؛ ص. ڊپ ڪندڙ. گيدي- بزدل. ڏاهڙ. ڇرڪندڙ.
ڏڍُ؛ ذ. پيٽ- وڏو پيٽ. (ص) ڄٽ- جاهل. موڳو- ڪند ذهن.
ڏڍو؛ ذ. رواجي گهوڙو (گهٽ قيمت ۽ گهٽ نسل وارو). ننڍي قد جو گهوڙو- ٽٽون.
ڏبا ڊوڙ؛ ث. ڀڄ ڊوڙ- اچ وڃ. ڪوشش.
ڊُڍو؛ ص. منافق- اندر ڪوڙو. بدنيت.
ڏِڍو؛ ذ. جوئر جي ڪاني ۾ سنگ نڪرڻ کان اڳ واري صورت.
ڊِرامو؛ ذ (انگ) دلچسپ واقعو. ناٽڪ.
ڊِرائيوَرُ؛ ذ (انگ) مشيني گاڏي (ريل، موٽر، لاري وغيره) هلائيندڙ.
ڊِرائنگَ؛ ث (انگ) چٽسالي. مصوري. نقاشي.
ڊِرلَ؛ ث (انگ) ورزش. فوجي قواعد- پريڊ.
ڊَرمُ؛ ذ (انگ) وڏو دٻو- پيپُ.
ڊِريسَ؛ ث (انگ) لباس- پوشاڪ.
ڏَڙاشَ؛ ث. ڇڙاڪ.
ڏَڙڇَڻُ؛ م. ستجڻ- ڪُڇجڻ. ونجڻ (بيماريءَ ۾). گهائجڻ- ڦٽجڻ.
ڏَڙَڻُ؛ م. ڇڃڻ (ڪپهه، ڏاس وغيره کي سنهن ڇهن سان سٽي صاف ڪرڻ). سٽڻ- ڪُٽڻ. ڀڃُ ڪڍڻ- مار ڏيڻ. زخمي ڪرڻ.
ڏَڙي رکڻ؛ ڀڃ ڪڍڻ- ڏاڍي مار ڏيڻ.
ڊُسَ؛ ث. ڀاسڙ زمين. ڊُسڙ. وارياسي زمين.
ڊَسٽَرُ؛ ذ (انگ) بورڊ صاف ڪرڻ جو ڪپڙو.
ڊِسٽرڪٽُ؛ ذ. (انگ) صوبي جو هڪ انتظامي حصو- ضلعو.
ڊُسڙَ؛ ث. وارياسي زمين.

ڊِسمِس؛ ذ (انگ) ملازمت کان برطرف- موقوف.
ڊِسَمبَر؛ ذ (انگ) عيسوي سال جو ٻارهون مهينو.
ڊِشِ؛ ث (انگ) ٿالهي- پليٽ.
ڊَفَرُ؛ ص (انگ) خراب- نڪمو.
ڊَڪَ؛ ث. گهوڙي جي چال جو هڪ نمونو- ڊِگَ.
ڊُڪَ؛ ث. ڊوڙ- ڀڄ. تکي ڊوڙ.
ڊُڪَ ڊوڙ؛ ث. ڀڄ ڀڄان. ڪوشش. ڪوشش لاءِ اچ وڃ.
ڊُڪائِڻُ؛ م. تکو هلائڻ- ڀڄائڻ- ڊوڙائڻ.
ڊِڪرِي؛ ث (انگ) ديواني ڪورٽ جو ضبطيءَ لاءِ حڪم نامو.
ڊِڪشنرِي؛ ث (انگ) لفظن جي معنائن جو ڪتاب- لغات- فرهنگ.
ڊُڪَڻُ؛ م. ڊوڙڻ- تکو ڀڄڻ.
ڏَڪو؛ ذ. گهوڙي جي پنڌ جو هڪ نمونو (ڏکيو پنڌ).
ڏَڪي ۾ پوڻ؛ اجايو وات هڻڻ. اڻنگو ڳالهائڻ.
ڊِکڻُ؛ ذ. واڍڪو ڪم ڪندڙ- واڍو.
ڊِگَ؛ ث. گهوڙي جي پنڌ جو هڪ نمونو.
ڊِگامُ؛ ذ. ڊِگَ.
ڊِگَ ڊِگ؛ ث. مدارين واري دهلڙي جو آواز.
ڊِگ ڊِگ ڪرڻ؛ ڍينڍي وڄائڻ. اعلان ڪرڻ.
ڊِگرِي؛ ث (انگ) حڪم- فيصلو (عدالت جو). جائداد وغيره حاصل ڪرڻ جو حڪمنامو. امتحان ۾ ڪاميابي جي سند. اعليٰ تعليمي سندَ. درجو- منزل.
ڊِگڻُ؛ م. ڊِگ هلڻ. ڊوڙڻ.
ڊِگوشُ؛ ذ. ڀانڊي پکيءَ جو هڪ قسم.
ڊِگڙُ؛ ذ. ٿُلهي پڪل ماني- ڍوڍو.
ڊِگڙِي؛ ث. ننڍڙو ڍوڍو. ڇپاتي.
ڊِگهَ؛ ث. ڊيگهه. اينگهَ. واڌ.
ڊِگهارَڻُ؛ م. ڊگهو ڪرڻ. وڌائڻ.

ڊگهائِي؛ ث. ڊيگهہ- طول- واڌ.

ڊِگهائي ڦاڪَ؛ ث. ڌرتيءَ جي اُتر قطب کان ڏکڻ قطب تائين خيالي ليڪ.

ڊگهو؛ ص (سن. ديرگهہ) ڊيگهہ ۾ وڏو- طولان. تمام وڏو. (ث. ڊگهي).

ڊگهيرَڻُ؛ م. ڊگهو ڪرڻ- ڊيگهہ ڏيڻ- اينگهائڻ- طول ڏيڻ. وڌائڻ.

ڊَلو؛ ذ. ٽولو. اٿالو.

ڊِليوَرِي؛ ث. (انگ) ورهاست- ورچ (خطن جي). ويم.

ڊِمڪو؛ ص. قد جو ٻندورو (ماڻهو).

ڊَمَو؛ ث. بلا جو هڪ قسم.

ڊَنبُ، ڊَنبلو؛ ذ. ماڻهن جو ميڙ- مجمع.

ڊِنَرَ؛ ث (انگ) دعوت. رات جي ماني.

ڊِنگُ؛ ذ. وڏو ماڻهو. شاهوڪار. امير.

ڊَنگ ڊاهڻ؛ پاڻ کان وڏي ۽ طاقتور کي شڪست ڏيڻ.

ڊِنو؛ ص. ڊڄي ويل. هراسيل.

ڊِنو ڊَپُ ڪرڻ؛ اڳواٽ اُپاءُ ڪرڻ. دوانديشي ڪرڻ.

ڊوڏُ؛ ذ. روڏ- ٿوڙهہ. وڏو جابلو ڪانءُ.

ڊوڙَ؛ ث. تيز ڀڄڻ جي حالت- ڊُڪَ. تکو ڀڄڻ. رسائي- پهچ. استمداد.

ڊوڙَ ڊُڪَ؛ ث. ڀڄ ڊوڙ. ڪوشش- سعيو. ڪاميابيءَ لاءِ اچ وڃ.

ڊوڙائِڻُ؛ م. تکو هلائڻ- ڀڄائڻ. جلد موڪلڻ. روانو ڪرڻ. سخت پورهيو وٺڻ. هلائي هلائي ٿڪائڻ.

ڊوڙَڻُ؛ م. تکو هلڻ- ڀڄڻ- ڊُڪڻ. جلد وڃڻ. تکو وڃڻ. روانو ٿيڻ. هل هلان ڪرڻ.

ڊوڙڻ ڊُڪڻ؛ ڪوشش ڪرڻ. ڪنهن ڪم جي لاءِ هلڻ.

ڊوڙي اچڻ؛ ڀڄي اچڻ. تمام جلد اچڻ. مدد لاءِ اچڻ.

ڊوڪ؛ ث. ڊوڙ.

ڊوڪڙيون پائڻ؛ ڊوڙون پائڻ. جلدي جلدي اچ وڃ ڪرڻ. ڀڄ ڊوڙ ڪرڻ.

ڊوڪائڻ؛ م. ڊوڙائڻ.

ڊوڪڻ؛ م. ڊوڙڻ.

ڊوک، ڊوکا؛ ث. نگاهہ- نظر. نظرداري- جاچ.

ڊوکڻُ؛ م. ڏسڻ- نهارڻ. جاچڻ.

ڊَولُ؛ ذ. نمونو- رُوپ- گهاڙيٽو- بيهڪ. ڍنگ- طريقو- ريت.

ڊولائتو؛ ص. ڍنگ وارو- زيبائتو- ڏسڻ جهڙو- موزون.

ڊُولُ؛ ذ. چلم يا حقي جي ٽوپيءَ جو مخروطي لوهي ڍڪ. (طنزيہ) ٻوٿ. مُنهن- شڪل.

ڊولُ ٻِلاڙو؛ ص. بدزيبو (صورت ۾). ناموزون.

ڊُولو؛ ص. چپن سُوڄل. ٿلهن چپن وارو. بدزيبو (صورت ۾).

ڊُوندِڙو؛ ص. چيلهہ چٻو- ڪُٻڙو. (ث. ڊُوندڙي).

ڊُوندو؛ ص. مُڙيل- وريل- ڪُٻڙو. وڏي پيٽ وارو- ٿلهو. وڏو ٻيڙو.

ڊُونڊِي؛ ث. ننڍي ٻيڙي.

ڊوٺو؛ ذ. ٻُت تي سُڄيل ڳوڙهو.

ڊوهہُ؛ ذ (سن. دروهہ) فريب- دولاب. دغابازي. ڪُپت- ٺڳي. ويساهہ گهاتي. جاني نقصان پهچائڻ لاءِ جادو جو عمل (جنهن ۾ دشمن جو ٻوتو يا گُڏو ٺاهي ان ۾ سُيون ٽُنبي مقام ۾ دفن ڪجي)- ڪامڻ.

ڊوهہ ڪرڻ؛ فريب ڪرڻ- ٺڳي ڪرڻ. ڪامڻ ڪرڻ- پڙهيا وجهڻ.

ڊُوهَہ؛ چِڪَ- سَٽَ. سُوٽَ (سُورَ جي چِڪَ). آيمڪ- مهٽ (بدن کي).

ڊوهِڻُ؛ م. ڊوهہ ڪرڻ.

ڊُوهَڻُ؛ م. زور سان چِڪڻ. سٽ ڏيڻ. سُور جي

علاج طور آڏڻ.

ڊوهو، ڊوهي: ص. ڊوهہ ڪندڙ. ٺڳ- دغاباز- دولابي.

ڊوهي: ث. قسم- سَنهن.

ڊوهي وجهڻ: قسم ڏيڻ. واعدي پوري ڪرڻ جو اعتبار وٺڻ.

ڊويزن: ث (انگ) حصو- ڀاڱو (علائقي جو). صوبي جو انتظامي حصو.

ڊهَہ، ڊيهہَ: ث. چؤپائي جو سڱن سان هڻيل ٽڪر- ٽُونو.

ڊهُون ڏيڻ: ٽونا هڻڻ. سَنُون ڏيڻ.

ڊَهَڻُ: م. ڪرڻ (پٽ تي). ڪِري پوڻ. (اڏاوت وغيره). ليٽڻ. سُمهڻ. ڪِرڻ (بيماري ۾). ميٽجڻ- ميسارجڻ. برباد ٿيڻ. ناس ٿيڻ. ختم ٿيڻ.

ڊَهو: ذ. ٿوري پاڻيءَ واري کڏ. ڇُڏو. ڍُٻو.

ڊيپُو: ذ (انگ) ذخيرو- گدام. واپاري ڪوٺي.

ڊيڄارڻُ: م. ڊپ ڏيڻ. ڊپ ۾ وجهڻ. خوفزده ڪرڻ. هراسڻ. ڊڙڪو ڏيڻ.

ڊيڄڙو: ذ. ڊپ- خوف. ڇرڪُ. هڪ ٻاراڻي بيماري (جنهن ۾ ٻار ڇرڪ ڀري ۽ گهڻو روئي).

ڊيڄو: ذ. ڊپ. اُلڪو- اُڌڪو. هراس. انديشو.

ڊيسڪَ: ث (انگ) ننڍڙي خانن واري بينچ يا ميز.

ڊيشَ: ث. ٻٽاڪ- لپاڙ- لاف. (انگ) ٽاليءَ جي قسم جو هڪ ٿانءُ.

ڊيڪَڻُ: م. ٻوڙڻ. گهڻو ٻوڙڻ. راند ۾ گهڻو وقت آگ ڏيڻ.

ڊيگهہَ: ث. طُول- لمبائي. وڏاءُ- اينگهہ.

ڊيگهہ ڪرڻ: وڏاءُ ڪرڻ. اجايو وڌائڻ (ڪم، ڳالهہ، معاملي کي).

ڊيلَ: ث. مور پکيءَ جي مادي.

ڊيلي: ظ (انگ) روزانو- ڏهاڙي.

ڊينَبَ: ث. مارَ- ٿيهہ. مارَ جي سزا.

ڊينب ڪڍڻ: ڏاڍي مار ڏيڻ- ٿيهہ ڪڍڻ- جهڳورڻ.

ڊينبو: ص. ننڍي قد ۽ گهڻي ٿولهہ وارو.

ڊينڊَ: ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم (ننڍي ۽ سنهي مڇي).

ڊينگَ: ث. ٻٽاڪ- لاف. آڪڙ- ٺُونڊ.

ڊيُوٽي: ث (انگ) مقرر ڪيل ڪم. مڙهيل ذميداري. ملازمت. محصول- ٽيڪس.

ڊيهہَ: ث. سڱن واري جانور جو ٽُونو.

ڊيهہَ: ث. ٻوڙ. ڀاڄ.

ڊيهوڙ، ڊيهوڙو: ذ. ڀاڄ- ٻوڙ- ٽاهُ.

ڍ

ڍ: ث. اچار 'ڍي' يا 'ڍال'، سنڌي "الف- بي" جو ٽيويهون اکر.

ڍاٽ: ذ. "ٿر" جي هڪ ڀاڱي جو نالو.

ڍاٽڪي: ث. 'ڍٽ' جي بولي.

ڍاٽي: ص. 'ڍٽ' جو رهاڪو. (ذ) سنڌي اُٺن جو هڪ نسل.

ڍاپڻُ: م. ڍَئو ڪرڻ. ڍرجڻ (پيٽ). ورچڻ.

ڍادَ: ث. وڏي واڪي ڇڙٻ. رڙ. هَڪل. روڄ.

ڍادي: ص. مڱڻهار- لنگهو. هڪ ذات جو نالو.

ڍارَ: ث. چال- هلت- روش. خُوءِ- خصلت. عادت.

رسم. اوٽ– اولو. آجھو. پناھ. آثار. آھستگي واري چال. ھيناھين– لاھِي.

ٻارَڻُ: م. ھيٺ لاھڻ. ھيٺ ڇڏڻ. ٻرَ ڏيڻ.

ٻارو: ذ. ڇڪو– ڦرعو (ڇھن پاسن وار ڪعب جيڪو رمل جي حساب يا چوپڙ راند ۾ ڪم اچي).

ٻارو ٻَرڻ: سوٻارو ٿيڻ. نصيب کلڻ.

ٻاڪ: ث. ٻُنبڙ. ڏڏ.

ٻاڪُن ٻِرو: ص. ڇيلھ کان ھيٺو. سست– ٽوٽي. ڪم ڪار کان ڇڏو.

ٻاڪو: ذ. آوِي (نھائين) جي سوراخن کي بند ڪرڻ لاءِ ٺڪر جي وڏي گول ٿالھي (جنھن باھ باھر نہ نڪري). ننڍي ھڙھي (وٽن جي).

ٻاڪُون، ٻاڪُنون: ذ. ٿانءَ جو ھڪ قسم (ڏِڪ سان ٿالھي).

ٻالَ: ث. چمڙي يا لوھ جي ٺھيل ڇَھلَ (تلوار جي وار کان بچاءَ لاءِ)– سپرَ. آڏ– روڪ.

ٻانچو: ذ. بدن جو ھڏائون پڃرو. آڏاوت.

ٻانڊُ: ذ. مَچُ– آڙاھ.

ٻانڊَسُ: ذ. مَچُ. جلوو– پڙڪو. ھاءِ گھوڙا– دانھن ڪُوڪ.

ٻانڊو: ذ. پوڙھو ڍڳو. ڳريل ۽ ڪمزور جسم. ٺِڪر جو وڏو ٿانءُ.

ٻانڊِو: ص. ڍنڍ جو (پکي، اوبڙ وغيره).

ٻانگو، ٻانگھو: ص. ايرو– ڏٻرو. ھيٺو. سُڪل (وڻ وانگر).

ٻاوَلُ، ٻايَلُ: ص. پيٽ ٻريل– ڏٺو ڪيل.

ٻائِڻُ: م. ڏٺو ڪرائڻ– ڏِئڻُ.

ٻائِي: ث. ٻائِي. انجام– وعدو– ٻول.

ٻَپُ: ذ. ڍنگ– طريقو– روش. عادت. ڍَولُ. طورطريقو. سُياءُ. تجويز– رٿ. حيلو. پکين ڦاسائڻ جي جاري– دام.

ٻَپَرُ: ذ. ڪرنگھي وارا ھڏا. ھِڏن وارا عضوا (ص) ٿيڪو. بي زورو. سست– ڪاھل. ڪَمَ کان گھبرو.

ٻَپَر ٻِرا ٿيڻ: حواس گم ٿيڻ. بُت ساٿو ٿيڻ (ٻپ، حيراني مان).

ٻَپَڻُ: م. ڏِپي يا ڪوڙڪي ۾ (پکي) ڦاسائڻ. بند ڪري– لڪائڻ. جھلي بند ڪرڻ.

ڏِپي: ث. پکين ڦاسائڻ جي جاري.

ٻتِ: ذ. "تر" جو ھڪ خطو– ڀاٽ.

ٻِٽو: ص. چور– چورٽيو. چالاڪ.

ٻَٻَ: ث. دھل جي ھڪ وڄت (جيڪا خاص ڪري عاشورن ۾ وڄائجي).

ٻِڍُ: ذ. ٻاھر نڪتل وڏو پيٽ. پيٽُ.

ڏُڍ: ث. ٻُنِي– ڏِڍي.

ٻَڍَرُ: ذ. بدن جو سِرُ ۽ ٽنگن کان سواءِ باقي حصو. ڌَڙُ. ڪنھن شيءِ جو وچ وارو حصو (ٿانءَ، وڻ، ڪاٺ وغيره جو). ٻاليءَ جي جھاز جو قالب.

ٻڍر ٻِرا ٿيڻ: عضوا بي ست ٿيڻ (ڏپ يا حيراني مان). بُت جو ساھ ڇڏڻ. ھيسجي وڃڻ.

ٻِڍو: ذ. جوئر جي ڪاني ۾ سنگن نسرڻ کان اڳ وارو ٻن ۾ ڍڪيل ڪچي سنگ جو ڳوڙھو.

ڏُڍِي: ث. ٻُني– ٻُنن وارو حصو.

ٻَرَ، ٻِرَ: ث. دير– وقفو. غفلت. مھلت. آزادي– ڇڙواڳي. سُستي– ڪاھلي. لفظ جي ڏور وڌائڻ.

ٻر ڏيڻ: سستي ڪرڻ. غفلت ڪرڻ. ڇڏي ڏيڻ. مھلت ڏيڻ.

ٻِرائِي: ث. گيسر– غفلت. سُستي.

ٻَرڪَڻُ، ٻُرڪَڻُ: م. ھيٺ ڪِرڻ – ٻھڻ . ڪِرڪڻ

– ڪسڪڻ، ڍلو ٿيڻ (بدن). نستو ٿيڻ.

ڏرڪي پوڻ: بي طاقت ٿيڻ – هيٺو ٿيڻ. سست ٿيڻ.

ڏَرڻُ: م. لهڻ. ڪرڻ. هيٺ اچڻ. ڳهڙڻ (اندر).

ڍَرو، ڍِرو: ص. سُست. آهستي. ٿلهڙو. ويڪرو (لباس). هيٺو – ايرو. نرم. ڪمزور.

ڍرو ٿيڻ: آهستي ٿيڻ (هلڻ ۾). سست ٿيڻ. کُلڻ (رسي وغيره). نرم ٿيڻ. ڪمزور ٿيڻ.

ڍَڪَ: ث. لڪائڻ جي حالت – لِڪَ. پردو. چشم پوشي.

ڍَڪ ڪرڻ: ڪنهن عيب يا نيڪي جي عمل جي لڪَ ڪرڻ.

ڍَڪُ: ذ. ٿانوَ کي ڍڪڻ لاءِ مٿيون پُڙ – ڍَڪڻُ. پوش. رولو چوپائي کي بند ڪري بيهارڻ واري جاءِ.

ڍَڪَ مُنشي: ذ. ڍڪ جي سنڀال ڪندڙ ملازم.

ڍِڪَ: ث. چوپائي جي کُٽڪ.وهڻ جي رنڀ.

ڍُڪُ: ذ. پاڻيءَ وغيره جو هڪ ڀيري نڙيءَ مان ويل مقدار – ڍُڪو سُرڪَ.

ڍُڪَ ڀرڻ: تورو تورو ڪري پيئڻ. ساراه ڪرڻ.

ڍُڪ وجهڻ: چوپائي مال کي بيماري سبب تيل، گيهه يا دواجي اونٺي ڪرڻ.

ڍَڪائڻ: م. پارائڻ – پهرائڻ. اوڍائڻ. بند ڪرائڻ (جيل ۾). قيد ڪرائڻ– پُورائڻ. دفن ڪرائڻ.

ڍَڪَرَ: ذ. غشي – بيهوشي.

ڍَڪر چڙهڻ: حواس خطا ٿيڻ (حيراني يا هراس مان).

ڍَڪرجڻ، ڍَڪِرڻ: م. بيهوش ٿيڻ – غش ٿيڻ.

ڍَڪڻُ: ذ. ڍَڪُ.

ڍَڪڻ پيچڻ: شاديءَ جي هڪ رسم ۾ گهوٽ جو ڪنوار جي در اڳيان لٺ سان ڍڪڻ پيچڻ.

ڍَڪڻُ، ڍَڪڻُ: م. پوش يا ڍڪڻ سان لڪائڻ. بند ڪرڻ. پُورڻ – دفن ڪرڻ. هنڊائڻ – پهرڻ (ڪپڙا).

ڍَڪڻهار: ص. ڍڪيندڙ. خدا تعاليٰ جيڪو بندي جا عيب ڍڪي ٿو.

ڍِڪڻُ: رنڀڻ (مينهن يا ڳئون). کُٽڪڻ.

ڍَڪلي: ث. ڍَڪُ (ٿانوَ جو). ننڍو ڍڪ. ٺڪر جو هڪ ٿانوَ (مَٽ، دِلي وغيره جو ڍڪ). گوڏي جي سنڌ جو مٿيون هڏو.

ڍَڪي: ث. سج اُڀرڻ کان اڳ جي مهل – پره – ڦٽيرڪو. پرڀات– فجر.

ڍُڪي: ص. پيٽ سان – حامله.

ڍِڳُ: ذ. ڍير. ڍڙي (مٽيءَ جي). انبار. (ص) گهڻو ڪوڙ.

ڍَڳو: ذ. هڪ مشهور جانور – ڏاند. (ث. ڍَڳي).

ڍَڳي: ث. ڳئون.

ڍِڳي: ث. ننڍو ڍڳ. ڍير. سٿي.

ڍَلَ: ث. آباديءَ واري زمين جو سرڪاري محصول – خراج.

ڍَل ڀرڻ: خراج ڏيڻ. آنڪي ڀرڻ.

ڍِلَ: ث. ڍِرَ. دير. سستي.

ڍلائي: ث. سُستي – غفلت، چڙواڳي.

ڍِلَ ڏيڻ: ڍر ڏيڻ – ويچي وجهڻ.مهلت ڏيڻ.

ڍِلو: ص. ڍرو. سُست. موڪرو (لباس). گهٽ – ڪَسو.

ڍِليارَ: ذ. وڻ جو هڪ قسم – ٻير.

ڍَنڍَ: ث. بيٺل پاڻي جو قدرتي وڏو تلاءُ.

ڍَنڊورو: ذ. پڙهو – منادي. اعلان. مشهوري.

ڍَنڊورچي: ص. ڍنڊورو ڏيندڙ – پڙهي وارو.

ڍنڊورو ڏيڻ: اعلان ڪرڻ. مشهور ڪرڻ. هرهنڌ

ڳالھ ڪرڻ.

ڏنگُ ذ. طور- طريقو- نمونو- ڍول. ليکو. چال. بناوت- ساخت. شڪل. اڏاوت. بيھڪ. رواج. اٽڪل- ترڪيب. حرفت. چوپائي کي ڏهائي وقت پوين ٽنگن ۾ ٻڌڻ جو رسو- وَنگ.

ڏنگرُ ذ. جانور- ڍور- حيوان.

ڏنگھرُ، ڏنگھرُ ذ. وڻ جو ڪنڊن وارو ٽارو.

ڏنگھري ث. ڪنڊن وارو سُڪل ننڍو ٽارو.

ڏڻ، ڏنڍڻ ذ. ڍول- نمونو. ڏنگ. رواج- دستور. عادت- اڻمال. تجويز- اٽڪل. حرفت. ڏنگ.

ڍوڍو ذ. ٿلهي ماني (جوئر، ٻاجهر جي). مرچ مصالحا پيل ماني.

ڍورُ ذ. جانور- چوپايو. وهٽ. ڍورو- دِرياءَ جو وهڪري وارو پيٽ.

ڍورُ ڏنگرَ ذ. چوپايو مال. وهٽ وانو.

ڍورو ذ. ٿُلل واهه، ڦاٽ يا درياءَ جو پيٽ.

ڍوري ث. ننڍو ڦاٽ يا واهه جو ٿُلل پيٽ.

ڍوڪري ث. ماني يا ڍوڍو جنهن ۾ مڇي، پلو يا قيمو وجهي پچايل هجي.

ڍولُ ص. پرين- محبوب- پيارو. دادلو- لاڏلو. سهڻو- حسين. (ذ) ڍُهل.

ڍولڪَ ث. ننڍڙو دهل- دهلڙي. پکواز.

ڍولڪي ث. ننڍڙي دهلڙي- ڏيبڪي.

ڍولڻُ ذ. محبوب- پيارو. دوست. ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه- ڍولڻو.

ڍولڻو ذ. چانديءَ يا سون جي دٻلي ۾ بند ٿيل تعويذ وغيره (ڳهه طور ڳچيءَ ۾ پائجي).

ڍولو، ڍوليو ص. ڍول- ڍولڻ. پيارو محبوب.

ڏونڊُ ذ. ڪِنُ- ڪچرو- گند. مثل جانور (جنهن ۾ ڏپ ٿي وڃي). ڪرفتي. (ص) ڪِنو- گندو- بدبودار.

ڏونڊڻُ م. ڳولڻ- تلاش ڪرڻ. نهارڻ.

ڏونڪو، ڏڙنڪو ذ. جهُوٽو (ننڊ جو)- ٻنڪي.

ڏونگُ ذ. دوکو- دغا- فريب- ڇَل- مڪر. اٽڪل- حرفت. حيلو- بهانو.

ڏونگ ڪرڻ مڪر ڪرڻ. نموني بازي ڪرڻ. اٽڪل ڪرڻ.

ڏونگي ص. فريبي- دغاباز- مڪار. حرفتي- اٽڪل باز.

ڏونگلُ ذ. چٽر وارو اڻ سهائيندڙ ڳالهاءُ. اجايو گفتو (جنهن مان مخاطب کي چڙ اچي). واهيات گفتو.

ڏونگل هڻڻ واهيات ڳالهائڻ. آڏا اُبتا لفظ چوڻ. خراب گفتا چوڻ.

ڏونگو ذ. جسم جو هڪ حصو. چيلهه وارو حصو. ڪرنگهو. پُٺيءَ وارو حصو.

ڍوئڻُ م. کڻڻ (بار). سامان کڻي ٻئي هنڌ رکڻ.

ڍوئڻو ذ. ڪنيار، لوهار وغيره ڪاسبيءَ کان گهوٽ ڪنوار کي تحفي طور مليل شيون.

ڍوئي ث. گند ڪچري ڇڏڻ جي جاءِ- اروڙي. گند ڪچري جو ڍِڳ.

ڏَءُ، ڏَئو ذ. رَڄُ- قرارُ. ڪاڏي يا حاصلات مان اطمينان (جو وڌيڪ طلب نہ رهي).

ڏَءُ جهلڻ سهڻ (خوشي)- برداشت ڪرڻ (حاصلات کي). پيٽ ۾ سمائجڻ.

ڏَئجڻُ م. ڪاڏي مان ڍاپڻ- رڄ ٿيڻ. پُر ٿيڻ.

ڏَئڻُ م. ڏَءُ ڪرائڻ. تمام گهڻو ڏيڻ. خوش ڪرڻ.

ڏَئي ڇڏڻ مالا مال ڪرڻ.

ڏيبڪَ، ڏيبڪي ث. ننڍڙي دهلڙي (جيڪا عام

طرح تماشي ڏيکاريندڙ مداري وڄائين).
ڊيپو، ذ. سارين ڏرن لاءِ جنديءَ جو هيٺيون پُڙ (جيڪو 'ڪلر' واري مٽي مان ٺاهين. مٿيون پُڙ ڪر جي جندي، ۽ هيٺيون پُڙ ڪَلراٺي مٽيءَ جو ڊيپو).
ڊيڊُ، ص. مردار مال کائيندڙ. هندو. قوم ۾ گهٽ ذات.
ڊيڊواڙو، ذ. ڊيڊ قوم جو پاڙو.
ڊيڊي، ث. نار يا هرلي ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺي.
ڊيرُ، ذ. ڊگ- انبار. ڪوڙُ (ص) بي انداز- گهڻو.
ڊيرُ ٿيڻ، ڊگ ٿيڻ. ڪِري پوڻ (ٿڪ يا هيڻائي سبب).
ڊيرو، ذ. ويڙهيل سُٽ يا پَٽ جو گولو- ڦورو.
ڊيري، ث. ننڍو ڊگ- ڊگي. ويڙهيل سُٽ يا پَٽ جي ڊيري.
ڊيري ٿيڻ، بي همت ٿيڻ. ڪمزور ٿيڻ. ڍمي پوڻ.
ڊيڪُ، ذ. ٽِٽ. اجائي ڳالهه- ڊونگل. ٻٽاڪ- لاف.
ڊيڪُ ڏيڻ، واهيات ڳالهائڻ- اينگو ڳالهائڻ.
ڊيڪو، ذ. لوڏو- ٺيلهو- ڌڪو (جماع ۾).
ڊيلَڻُ، م. ٺيلهڻ- لوڏڻ. ڌڪارڻ.
ڊِينگُ، ذ. ڊِگهين ٽنگن وارو- ڄانگهڙيل (ذ) ٻَر جو هڪ پکي. پاڻيءَ جو وڏو جهاز- غوراب.
ڊينگو، ذ. نار يا هُرلي جو هڪ چڪر.
ڊِينگو ڊيري ٿيڻ، ماندائڻ ڍمي پوڻ. گهر ٻار ڇٽ ٿيڻ. تباه ٿيڻ.
ڏَيو، ص. ڏاڏو- ڏاول.

ذ

ذ، ذ (ع) سنڌي "الف- بي" جو ويهون اکر، عربي جو ٺائون ۽ فارسي جو ٻارهون اکر. اچار "ذال"
ذاتِ، ث (ع) حقيقت- اصليت. روح. شخصيت. قسم- نوع. حيثيت. قوم. قبيلو. تصوف جي اصطلاح موجب ازل کان ابد تائين موجود رهندڙ جوهر- الله تعاليٰ.
ذات ڀائِي، ص. ساڳي ذات وارو- هم قوم.
ذات پات، ث. قوم قبيلو. برادري.
ذات ذمات، ث. ذات پات- حسب نسب.
ذاتِي، ص. نِجي- شخصِي. فطرِي (اثر).
ذاڪِرُ، ص (ع) ذڪر ڪندڙ. شيعن ۾ منبر تي ويهي مصائب بيان ڪندڙ.
ذائِقو، ذ (ع) سواد- لذت- ساءُ. مزو- چسڪو.
ذائقو وٺڻ، سواد وٺڻ. خود تجربو حاصل ڪرڻ.
ذائقيدارُ، ص. سوادي- لذيذ.
ذِبحُ، ذ (ع) شرعي طور حلال ڪرڻ- ڪهڻ. سِرَ. ڪوسُ.
ذِبحُ ڪرڻ، حلال ڪرڻ- ڪُهڻ. نقصان رسائڻ.
ذَبيحُ، ص (ع) ذبح ڪيل- ڪُٺل.
ذَخائِرَ، ذ (ع) "ذخيره" جو جمع.
ذَخِيرو، ذ (ع. ذخيره) خزانو. گڏ ڪيل مال. انبار. گدام.
ذَخيره اندوزِي، ث. مال (اناج يا ٻين ضروري شين) گڏ ڪري رکڻ (جئن بازار ۾ انهن شين جي کوٽ پيدا ٿئي).
ذرڙو، ص. تمام ٿورڙو- ننڍڙو- پُرزو.
ذرّو، ذ (ع. ذره= لغوي معنيٰ ۾ اهو ذرڙو جيڪو اُس ۾ دَرَ وانگر اُڏامندو نظر اچي). ٿورو ٽُڪر- ذرڙو. ٿورو وقت. ننڍو معاملو. (ص) ٿورو- تمام گهٽ.
ذرا ذرا، ذ. ٽُڪرا ٽُڪرا- ڀُڳا ڀُڳا. ياڳا ياڳا.

ذرو پُرزو، ص. تور گهڻو- رهيو کهيو. ٽُڪر ٽانيو.

ذرو ذرو، ص. تورو تورو- ٽُڪر ٽُڪر.

ذَرّہ نَوازِي، ث (ع) گهٽ حيثيت واري کي وڏو مرتبو ڏيڻ. خسيس کي مان وارو ڪرڻ.

ذُرِيَّت، ث (ع) اولاد- نسل. سَگهہ- طاقت.

ذَري ذَري، ظ. گهڙي گهڙي- ٿوري ٿوري وقت ۾- هرهر.

ذَريعو، ذ (ع. ذريعه) وسيلو. معرفت. حيلو. سبب. پهچڻ جو طريقو.

ذَقنُ، ذ (ع) کاڏي.

ذَڪاء، ذ (ع) ذهن جي تيزي. تيز فهمي.

ذَڪاوَتَ، ث (ع) ذهن جي تيزي. ذهانت.

ذَڪَرُ، ذ (ع) نَرُ. مَردُ. ماڻهو. مردانو مخصوص عضوو.

ذِڪرُ، ذ (ع) بيان- ڳالهہ. ڳالهہ ٻولهہ. خدا تعاليٰ کي ياد ڪرڻ جا مقرر الفاظ.

ذِڪر اَذڪارُ، ذ. ڳالهہ ٻولهہ. خبرچار.

ذَڪِي، ص (ث) ذهين- تيزفهم- هوشيار.

ذِلِ، ث. ذلالت جو مخفف. مصيبت. سختي (گرمي يا اُس جي). خواري.

ذَلالَتَ، ث (ع) بدنامي- خواري. ڪميڻپ. بيعزتي. حقارت.

ذِلتَ، ث. (ع) خواري- بدنامي. ڪميڻپ. مصيبت.

ذِلتَ ڪڻڻ، مصيبت سهڻ. خواري ڪڻڻ.

ذَليلُ، ص (ع) خوار. بدنام. ڪميڻو- رذيل.

ذَليل ڪرڻ، بدنام ڪرڻ- خوار ڪرڻ. بيعزت ڪرڻ.

ذِمو، ذ (ع. ذِمه) ضمانت- ذميواري- جوابداري. حوالي ڪرڻ يا ڏيڻ- سُپردگي- تحويل.

ذِمو ڪڻڻ، پنهنجي سِر تي رکڻ (جوابداري). جوابداري ڪڻڻ.

ذِمِي، ذ (ع) اسلامي سلطنت ۾ رهندڙ غير مسلم (جيڪو جزيو ادا ڪري).

ذميدارُ، ص (ف) جوابدار- ضامن.

ذميداري، ث. جوابداري. ڪفالت.

ذُو، ذ (ع) مالڪ- ڌڻي- صاحب. (صِ) وارو- قابض. (هي لفظ هميشه صفاتي اڳياڙي طور مالڪي ڏيکاري).

ذُوالجَلال، ص (ع) جلال وارو- دبدبي وارو. وڏي وڏائي وارو. الله تعاليٰ جو صفاتي نالو.

ذُوالجَناح، ذ (ع) کنبن وارو. حضرت امام حسين جي گهوڙي جو نالو.

ذوالفقار، ث (ع) ٻُنيءَ جي هڏين وارو. هڪ مشهور تلوار جو نالو (جيڪا العاص بن مُنبہ جي هٿي ۽ بدر جي جنگ ۾ مرڻ کان پوءِ نبي سڳوري جي قبضي آئي، جن وري حضرت علي رضہ کي ڏني).

ذُوالقعد، ذ (ع) هجري سال جو يارهون مهينو.

ذُو معنيٰ، ص (ع) ٻن معنائن وارو. بامعنيٰ.

ذَوقُ، ذ (ع) مزو- سواد- لطف- ساءُ. شوق- چاهہ. خوشي.

ذهبُ، ذ (ع) سونُ- طلا- ڪُندن.

ذهانَتَ، ث (ع) ذهن جي تيزي- هوشياري. ڏاهپ.

ذِهنُ، ذ (ع) حافظو- يادگيري. سمجهڻ جي قوت. دانائي- ڏاهپ. قابليت.

ذِهن نشين، ص. ياد ڪيل. سمجهيل.

ذهن هلائڻ، سوچڻ- غور ڪرڻ. عقل ڊوڙائڻ.

ذِهنِي، ص. ذهن جو- دماغي- عقلي.

ذَهِينُ، ص (ع) ذهن وارو- تيزفهم- هوشيار.

سمجهو.
ذِي: ص (ع) مالڪ- ڌڻي. وارو. صفاتي اڳياڙي طور ڪم ايندڙ لفظ.
ذي حيات، ذي رُوح: ص. ساهوارو- جاندار. زنده- جيئرو.
ذِي جاهُ: ص. مرتبي وارو.
ذي شان: ص. شان شوڪت وارو- دبدبي وارو.
ذي شعور: ص. عقلمند- سمجهو. هوشيار.
ذي وَقار: ص. عزت وارو- معزز.
ذِي الحَج: ذ (ع) هجري سال جو ٻارهون مهينو- ذوالحج.
ڏيل: ذ (ع) هيٺيون حصو. هيٺ لکيل.
ڏيلي: ص. هيٺيون.

ر

ر: ث (اُچار 'ري') سنڌي "الف- بي" جو پنجويهون اکر. عربي جو ڏهون اکر ۽ فارسيءَ جو ٻارهون اکر. ابجد موجب عدد (٢٠٠).
رابطو: ذ (ع) جوڙ- ميل. تعلق- لاڳاپو- واسطو.
رابيلَ: ث. هڪ قسم جي ول.
راتِ: ث (سن. راتر) شب- ليل.
رات ڪاٽڻ، رات گذارڻ: اوجاڳي يا انتظار ۾ رات پوري ڪرڻ.
راتاهو: ذ. رات جو حملو- شب خون.
راتِبُ: ذ (ع) جانورن (وهٽن) جي روزاني خوراڪ. گهوڙي جو هر ويلي جو سٺو رسيلو کاڌو. وِرٿو- ويلو (هڪ ڏينهن جو کاڌو).
راتِ ڏينهن: ظ. اٺئي پهر- هروقت.
راتوڏو: ظ. رات وچ ۾- رات جوڻي. راتو رات.
راٺوڙُ: ذ. سنڌ ۾ مسلمانن جي هڪ ذات. (ص) جاٺو- سگهارو. پهلوان.
راجا: ذ (سن) حاڪم- بادشاهه.
راجائي: ث. حڪومت- بادشاهي.
راجا پرجا: ث. راجا ۽ رعيت. ڌڻي ڌوڻي.
راجپُوت: ذ. هندن جي هڪ قوم.
راجستان: ذ. "ڀارت" جو هڪ علائقو جنهن جون حدون "سنڌ" سان گڏيل آهن.
راجڪمار: ذ. راجا جو پٽ. شهزادو. (ث. راجڪماري).
راڄُ: ذ (سن. راج) بادشاهي- حڪومت. صاحبي. رياست. رعيت. قوم. برادري- ڀائيچاري.
راڄ ڪرڻ: حڪومت ڪرڻ. حڪم هلائڻ.
راڄائتو: ص. راڄن جو لحاظ رکندڙ راڄ جي ريت رسم کي مڃيندڙ. ريت نيت وارو. مهذب.
راڄُ ڀاڳُ: ذ. حڪومت- بادشاهي. ملڪ ۽ رعيت. تخت ۽ بخت
راڄداري: ث. راڄوڻي معاملا ۽ ريت نيت. ڀائيچارو.
راڄڌاني: ث. تخت گاهه- دارالحڪومت.
راڄڏوهو: ص. پنهنجن جو دشمن ملڪ جو غدار.
راڄ راڻي: ث. پَٽ راڻي- وڏي راڻي. خاتون راڻي.
راڄ ڪاڄُ: ذ. ملڪي معاملات. ڀائيچاري.
راڄ مَهاجَنَ: ذ ('راڄ' مسلمانن جو، ۽ 'مهاجن' هندو) مسلمانن ۽ هندن جي گڏيل پنچائت.

راڄنيتي: ث. ملڪي قانون. حڪومت جو آئين. ملڪي جوڙجڪ.
راڄوٽي: ث. راڄ جي هلي چلي ۽ ريت رسم موجب فيصلو ۽ صلح. پاڃاري جي ريت مطابق صلح ۽ پرچاءُ.
راحتَ: ث (ع) آرام- سک- آسودگي. فرحت- آسايش. سُڪون ۽ خوشي.
راحت افزا: ص. آرام ڏيندڙ. خوشي ڏيندڙ.
راحت ڏيڻ: سک ڏيڻ- آرام ڏيڻ. خوشي ڏيڻ.
راحِمُ: ص (ع) رحم ڪندڙ- مهربان- ٻاجهارو.
راڌارو: ص. شادي يا ڪنهن ڪاڄ جي موقعي تي رڌپچاءَ ڪندڙ.
راڌاويڙ، راڌاويڙي: ث. ڏي وٺ سان معاملي جو نبيرو. ڇڏڇوٽ سان ناهه ۽ صلح.
راڏڻُ: م. ٻنيءَ ۾ ٻج وجهڻ- ٻني پوکڻ.
راڙو: ث. رڙيون- دانهون. روڄ. دانهو دانهن. وڏو روڄ.
راڙو: ذ. جنگ- ويڙهه- لڙائي. تکي ٻوڙ.
راڙهو: ص. دانهون ڪندڙ. دانهن تي دانهن ڪندڙ ۽ نه ڇڏيندڙ.
رازُ: ذ (ف) ڀيد- ڳجهه. ڳجهي ڳالهه.
رازدارُ: ص. راز ڪان واقف. حال محرم. همراز.
رازداري: ث. راز جي لِڪَ. ڳجهه ڳوهه. لڪ چپ.
رازدان: ص. رازدار.
راز کولڻ: لکل ڳالهه ظاهر ڪرڻ. ڳجهه کولڻ.
رازو نياز: ذ. ڍڪ پردي واريون پيار جون ڳالهيون.
رازِقُ: ص (ع) رزق ڏيندڙ- روزي ڏيندڙ. پالڻهار. خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو.
رازو: ذ. رازڪو ڪم ڪندڙ- معمار.
راسُ: ص (ف. 'راست' جو مخفف) درست- نيڪ. مڪمل- پورو.

راسُ: ذ. (راسُ المال) تجارت جو سرمايو- واپار جي مُوڙي. مُور ۽ نفعي جي گڏيل رقم.
راس ڪرڻ: پورو ڪرڻ- مڪمل ڪرڻ. نبيرڻ (ڪم).
راس: ث (ع) لغاهر- واڳ. رياضي موجب مُور ۽ نفعي جي گڏيل رقم. آسماني تارن جو ميڙ- بُرج. نکٽ. خشڪي جو حصو جيڪو پاڻي (سمنڊ) ۾ هجي.
راست: ص (ف) نيڪ- درست- صحيح. مڪمل- پورو. ساڄو (طرف. هٿ). سچو- ديانتدار.
راستباز: ص. سچو. ديانتدار. نيڪ.
راستبازي: ث. سچائي. ايمانداري. نيڪي.
راستي: ث. سچائي. ايمانداري. عورت جو نالو.
راس پاس: ظ. ٺهيل ٺڪيل. پاڻ ۾ ٺهيل. خوش راضي.
راسخُ: ص (ع) پڪو- مضبوط. سچو- کرو.
راسخُ الاعتقاد: ص. پڪي ايمان وارو. مضبوط عقيدي واري.
راسُوڙو: ذ. هڪ قسم جو نظم ۽ گيت (جيڪو ٿر ۾ ڳائجي).
راشِدُ: ص (ع) سنئين رستي تي هلندڙ. هدايت وٺندڙ. عقيدي جو پختو. نيڪ.
راشَنُ: ذ (انگ) خوراڪ- کاڌو.
راشِي: ص (ع) رشوت وٺندڙ.
راضُ: ذ (ع. رضا) رضامندي وارو پيار.
راضپو: ذ. رضامندو- مرضي. خوشي.
راضي: ص (ع) خوش- مسرور- شاد- سَرهو. صابر- قانع. مطمئن. متفق. آماده.
راضي برضا: ص. رضا تي راضي.
راضي ڪرڻ: خوش ڪرڻ. مائل ڪرڻ. آماده ڪرڻ.

راضي نامو: ذ. ٻنهي ڌرين جي رضامندي سان ٺاهه ۽ صلح.

راغب: ص (ع) مائل.

رافضي: ذ (ع) شيعن جو هڪ فرقو.

راڙو: ذ. گپ. گارو. پٽڙو گارو.

راقم: ص (ع) لکندڙ. محرر.

راڪاس: ذ (سن. راڪشش) ڀُوت- ديو. شيطاني قوتن وارو روح. خبيث روح. جن. وڏي قدبت ۽ گهڻي طاقت وارو خيالي ڪردار (جيڪو آکاڻين ۾ بيان ٿئي).

راڪس: ذ. راڪاس.

راڳ: ذ. ڳائڻ جو طريقو. ڳائڻ.

راڳائي: ص. راڳ ڪندڙ. ڳائڻو.

راڳ رنگ: ذ. ڳائڻ وڄائڻ.

راڳ روپ: ذ. عيش عشرت. موج مستي.

راڳ ڪرڻ: راڳ ڳائڻ. ڏکيو قصو ڪرڻ. ٻهاني وارو ڏکيو قصو ڪرڻ.

راڳ مالا: ث. راڳ جي فن تي ڪتاب.

راڳڻي. راڳڻي: ث. ڳائڻ جو هڪ نوع نمونو.

راڳي: ص. راڳيندڙ. ڳائڻو. گويو.

راڳڻ: م. ليپو ڏيڻ- لنبڻ.

راڳو: ذ. ليپو- لنبَ.

راڱو: ذ. وٿن جي چوڏي جو رَسُ يا رنگ. رنگ جو ليڪو. ڳاڙهي رنگ ۾ ٻڌل ڏور سان ڪاٺ يا پٽ تي نڪتل ليڪو. جانور (ڪُتي) جو هڪ رنگ.

راڱا ڪرڻ: رنگ ڪرڻ. تباهه ڪرڻ. ليڪا وجهڻ.

رام: ص (ف) مطيع. سِڪيل. هريل

رام ڪرڻ: مطيع ڪرڻ. راضي ڪرڻ.

رام (رامچندر): ذ (سن) هندن جو هڪ اوتار (راجا دسرت جو پٽ).

رام ڪهاڻي: ث. ڏکيو قصو. مصيبت جو داستان.

رام ليلا: ث. دسهڙي جو ميلو (جنهن ۾ هندو ڌرم وارا رام جي زندگيءَ جو کيل ڪن).

راماڻو: ذ. جنگ- لڙائي. ماتم- روڄ راڙو. واويلا. تماشو.

راماڻا ڪرڻ: هُل هنبس ڪرڻ. هيبتون ڏيکارڻ.

رامائڻ: ذ. شري رامچندر جو احوال (جيڪو ڀهريائين والميڪ رشي سنسڪرت ٻوليءَ ۾ ۽ پوءِ تلسيداس هندي ٻوليءَ ۾) ترجمو ڪيو.

رامڪلي: ث. هڪ راڳڻي جو نالو. شاهه عبداللطيف جي رسالي جو هڪ سُر.

ران: ث (ف) ٽنگ جو گوڏي کان مٿيون ۽ اندريون حصو- سٿر- جوڙ. (ص) مرڪب لفظن جي صفاتي پڇاڙي (جنهن مان هلائيندڙ ۽ انتظام ڪندڙ جي معنيٰ نڪري مثلا حڪمران، جهازران وغيره).

رانپاٽ: ذ. وڏي رڙ- رنپ.

رانپاٽ ڪرڻ: وڏي واڪي رڙيون ڪرڻ. دانهون ڪري روئڻ.

رانيوٽو: ذ. هٿ جي آڱرين سان رهڙ.

رانيوٽا هڻڻ: رهڙون ڏيڻ. جهانيوٽا هڻي کسڻ.

رانجهڻ: ذ. هڪ قسم جو وڪر (لاڪ جهڙو ۽ اڪثر وينجهار ڪم آڻين).

رانجهو: ذ. عاشق- پيارو. پنجاب جي مشهور عشقيه قصي "هير- رانجهي" جو هڪ سورهيه.

راند: ث. کيل- کيڏ. وندر. تماشو. ٽينگ ٽپو. وندر وارو شغل.

راند ڪرڻ: کيڏڻ. وندرڻ. رونشو ڪرڻ.

رانديڪو: ذ. راند جي چيز کيڏولو- ٽول. نازڪ ۽ نمائشي چيز.

رانديگرُ، ذ. راند کيڏندڙ- کيڏاري.
رانده، ص (ف) تڙيل- لوڌيل.
رانڪ، رانڪڪ، ث. قبر جي مٿان اڏيل قُبي (مڪلي تي مرزا عيسيٰ جي رانڪ.
رانوَلُ، ذ. راوَلُ.
رانهان، ذ. هڪ قسم جو ٻج- چؤنرا.
رانڊِي، ث. ننڍو طنبو.
رانئِڻُ، م. خوش ڪرڻ- ريجهائڻ. خوشيءَ جي موقعي تي مٿان رنگ هارڻ. سينگارڻ.
رانو، ذ. مشهور عشقيه قصي "مومل- راڻي" جو سورهيه. (ص) پيارو.
راڻِي، ث. بادشاهه جي زال- ملڪه.
راوُ، ذ. راءِ.
راوَتُ، ذ. راجا. سردار. بهادر- سورهيه- ڪُڙيو. شاهي ايلچي.
راوَلُ، ذ. راجا. سردار. سورهيه- ڪُڙيو. پرين- محبوب.
راوَڻُ، ذ. "رامائڻ" جو هڪ ڪردار (جيڪو سري لنڪا جو راجا هو).
راوِڻو، راوَڻا، ذ وڏو ڪاڄ ۽ خوشي.
راوَڻا ڪرڻ، خوشيون ڪچهريون ڪرڻ.
راوِي، ص (ع) روايت ڪندڙ- بيان ڪندڙ- ڳالهه ڪندڙ.
راهِ، ث. ڳاهجي ويل اَن جو ڍِڳُ- کوڙي.
راهَ، ث (ف) رستو- واٽ- سڙڪ. گسُ. طريقو- نمونو. حيلو- تدبير.
راهَ ٻڌائڻ، واٽ ٻڌائڻ- گسُ ڏسڻ. طريقو ٻڌائڻ. ڍنگ سيکارڻ.
راهه تَڪڻ، واٽ ڏسڻ. انتظار ڪرڻ.

راهه مسافر، ص. واٽ ويندڙ- مسافر.
راهِه، راهِي، ث. لوڙهو- واڙ (جيڪا ٻَنِي يا ٻوک کي چوڌاري آيل هجي).
راهِبُ، ص (ع) اهو عيسائي جنهن پنهنجي سڄي عمر ديول جي خدمت ۾ وقف ڪري ڇڏي هجي ۽ شادي نه ڪئي هجي. عيسائي زاهد يا عابد.
راهبَرُ، ص (ف) رستو ڏيکاريندڙ- واٽَ ڏسيندڙ. سُونهون. اڳواڻ.
راهبَرِي، ث. سُونهپ. اڳواڻي. رهنمائي.
راهه خرچ، ذ. سفر جو خرچ- پتو پاڙو.
راهدارِي، ث (ف) رستي تان لنگهڻ جو اجازتنامو. ڪنهن عملدار جو لکيل پروانو جنهن جي آڌار تي رستي تان لنگهندڙ مال کي ڪو روڪ نه ڪري.
راهِ رسم، ث (ف) رسم رواج. واقفيت- ملاقات. ملي ڇلي. جاڻ سڃاڻ.
راهَروُ، ص (ف) واٽ ويندڙ- راهي- واٽهڙو.
راهَزَن، ص (ف) رستي تي ڦُر ڪندڙ. ڌاڙو- ڌورو. رهزن.
راهزَنِي، ث. واٽ تي ڦُرُ.
راهَڪُ، ص. پوک ڪندڙ- هاري.
راهگُذَرُ، ث (ف) لنگهه- رستو- واٽ.
راهَ گُناه، ظ. هرويَروُ- خواهه مخواه- بيگناهه.
راهگِيرُ، ص (ف) واٽهڙو- مسافر.
راهِه نِجات، ث (ف) بخشش واري واٽ. ڇوٽڪاري جو ذريعو.
راهنُما، ص (ف) واٽ ڏيکاريندڙ. رهبر- اڳواڻ.
راهنُمائِي، ث. سونهپ- رهبري. اڳواڻي.
راهِڻُ، مَ. رهائڻ. ترسائڻ- ٽِڪائڻ. نباهڻ. وفا ڪرڻ.
راهِوارُ، ذ (ف) تيز رفتار. گهوڙو.

راهَئون رَڏ: ظ. هرطرف کان نااميد.

راهه ويندو: ص. واٽهڙو- مسافر.

راهه ويندي: ظ. بي ڏوهي. ناحق. خواهه مخواه.

راهي: ص (ف) واٽ ويندڙ- واٽهڙو. مسافر.

راهي ٿيڻ: روانو ٿيڻ- واٽ وٺڻ- وڃڻ.

راءِ: ث (ع) خيال- عقل- سمجهه. رٿ- تجويز. مرضي- خواهش.

راءِ ڏيڻ: صلاح ڏيڻ- مشورو ڏيڻ. تجويز ڏيڻ.

راءِ، راءُ: ذ. راجا. سردار. حاڪم.

رائتو: ذ. ڏڌ ۽ ساڻي مصالحي مان ٺهيل چٽڻي.

رائجُ: ص (ع) جاري- چالو- هلندڙ.

رائجُ الوَقت: ذ. دستور موجب هلندڙ (سِڪو يا قاعدو وغيره).

رائجُ ڪرڻ: جاري ڪرڻ- هلائڻ (قانون. سِڪو)

رائِرُ، رائِر: ذ. اهو محصول جيڪو تابع ملڪ کان ورتو ويندو هو. ڏَنُ- ڍَلَ.

رائِزَني: ث (ف) خيالن جي ڏي وٺ. صلاح مصلحت. تنقيد.

رائِفَل: ث (انگ) گوليون هلائڻ وارو هڪ قسم جو بارودي هٿيار.

رائِگان: ص (ف) رستي تي پيل. اجايو- فضول. ضايع.

رائو: ذ. سنهي ريتي- ڪُڪِري. واري. هوا ۾ اڏامندڙ مِٽي- دَز.

رائي: ث. ڪپهه ۾ پيجيل بصر ثوم وغيره جو داغ.

رائِيٽ: ص (انگ) درست- صحيح. ساڄو پاسو.

رايو: ذ (ف. راي) راءِ- خيال- سمجهه. رٿ- تجويز. صلاح- مشورو.

رَبُّ: ذ (ع) مالڪ- ڌڻي. پالڻهار- پروردگار. خدا تعاليٰ جو هڪ نالو.

رَبُّ العالمين: ذ. سڀني جهانن جو پالڻهار.

رَبُّ العِزَّت: ذ. عزت جو مالڪ خدا تعاليٰ.

رَبّاني: ص (ع) رب جو- رب وارو. الهي- خدائي.

رُبّ: ذ (ع) ميون ڪاڙهي گهاٽو ڪيل رَسُ.

رَبابُ: ذ (ع) هڪ قسم جو ساز.

رُباعي: ث (ع) نظم جو هڪ قسم (بحر هزج ۾ چئن مصراعن وارو بيت).

رَبطُ: ذ (ع) ڳانڍاپو- جوڙ. ميلاپ. تعلق- واسطو.

رُبع: ذ (ع) چوٿو. چوٿون حصو.

رَبيعُ: ذ (ع) سياري جو فصل- چيٽ.

رَبيعُ الآخِر، رَبيعُ الثاني: ذ (ع) هجري سال جو چوٿون مهينو.

رَبيعُ الأوليٰ، رَبيعُ الاوَّل: ذ (ع) هجري سال جو ٽيون مهينو.

رَبَڙ: ث. پتڙو رڌل ڀت وغيره. ڏارو. (ص) نرم- پَتڙو.

رَبَڙ ڀڃ: ث. سادو ڪاڌو. غريباڻو ڪاڌو.

رَبَڙُ: ذ (انگ) هڪ خاص وڻ جو رَسُ جيڪو سُڪڻ کان پوءِ لچڪدار مادي جي صورت وٺي.

رَبڙي: ث. کير مان ٺهيل مٺائي جو هڪ قسم.

رَتُ: ذ (سن. رڪت) لهُو- خون. ويجهو مائٽ (جنهن ۾ ڏاڏاڻو خون شامل هجي). (ص) پنهنجو (مائٽ).

رَتُ اچڻ: جسم جي ڪنهن به حصي مان رَتُ نڪرڻ (وات يا پيٽ مان).

رَتُ ٿيڻ: رت ۾ ڳاڙهو ٿيڻ. ورچڻ- ڪڪ ٿيڻ. هلاک ٿيڻ.

رَت تي چڙهڻ: پٽ پاراتي سبب رت جا دست وهڻ. مرڻ وهيٺو ٿيڻ.

رت پيَڻُ: خون ڪرڻ- مارڻ. تڪليف ڏيڻ. ستائڻ- بيزار ڪرڻ.

رت روئڻ: نهايت افسوس ڪرڻ.

رت سُڪڻ: ڊپ ۾ رت سُڪي وڃڻ.

رت ٽِڙڻ: ڪاوڙ چڙهڻ. جوش ۾ اچڻ.

رتُ وَهائڻ: قتل ڪرڻ. خونريزي ڪرڻ.

رُتِ: ث (سن) موسم- مُند. وقت.

رُت بدلجڻ: موسم ۾ ڦيرو اچڻ. آبهوا بدلجڻ.

رُتبو: ذ (ع) عهدو- درجو- مرتبو. عزت.

رَت پِتُ، رَت پُوهُ، رَت سَتُ: ذ. سگهہ ۽ صحت- تندرستي ۽ طاقت.

رت چاڙ: ث. خونريزي- قتل عام.

رَتڙي: ث. تلي- ڦِهي. جُوئَرَ جي هڪ قسم- ڳاڙهي جوئر.

رَتڙيا: ذ. چانورن جي هڪ جنس.

رَتُلُ، رَتو: ص. ڳاڙهو- لال. پچي ويل (ميوو). رڱيل. رچي ويل (الاهي عشق ۾).

رَتَنُ: ذ (سن) هيرو- جوهر (نون قسمن جو ٿئي: لعل، هيرو، ياقوت، زمرد، نيلم، پکراج، لاجورد، موتي، مرجان).

رتوچاڻ: ث. رَتَ چاڻ. خونريزي.

رَتو رَتُ: ص. رت ۾ ٻڏل- سخت زخمي.

رَتِي: ث. رَتُ. سُرخي- ڳاڙهاڻ (رت جي). رونق (مُنهن جي). طاقت- سگهہ. خوشي. ماسي جو اٺون حصو (جيڪو سونارا عموما چٺوٺي سان توريندا آهن). چٺوٺي- رَتڙي. ڪڪڪ وغيره جي پوک ۾ لڳل مرض ۽ جيت.

رَتِيءَ وارو: ص. سگهارو- پهلوان. تندرست.

رَٿُ: ذ. قديم دور جي ٻن ڦيٿن واري هڪ گاڏي.

رِٿَ: ث. تجويز- ڀَهُ. صلاح. اٽڪل. منصوبو.

رِٿَ رِٿڻ: سِٽَ سِٽڻ. تجويز ڪرڻ.

رِٿا: ث. رِٿَ. سٽاءُ.

رِٿڻُ: م. رٿ ڪرڻ- تجويز ڪرڻ- منصوبو ٺاهڻ. ڀهہ ڪرڻ- ارادو ڪرڻ.

رُٺلُ: ص. رنج- ڪاوڙيل- ناراض.

رُٺل روحُ: ص. رُک مُنهون. پوريءَ طرح مُنهن نہ ڏيندڙ. هروڀرو ڪاوڙيل.

رِپَ: ث (سن) مصيبت- آفت. وڏو ڳرو بارُ. دشمن- ويري.

رَپڙُ: ذ. سُڄيل ماس جو ڳوڙهو. ڳَڙُ. وَڏُ. دڙپُ. چٽو. سخت ڳتيل زمين.

رُپو: ذ. چاندي.

رَپوٽَ: ث (انگ) اطلاع- خبر- ڄاڻُ. صورتحال جو لکيت ۾ اطلاع- ڄاڻو.

رُپيو، رُوپيو: ذ. چانديءَ جو هڪ سڪو.

رَجا: ث (ع) اميد- آس. دعا. خوشي.

رَجائيَتَ: ث. اميدواري حالت- اميد.

رِجائڻُ: م. پگهارڻ- وِگهارڻ. ڳارڻ (ڌاتو وغيره). ريج ڪرڻ (زمين ۾).

رِجالُ: ذ (ع. "رِجل" جو جمع) ماڻهو- لوڪ.

رِجالُ الغَيبُ: ذ. غيبي انسان.

رَجبُ: ذ (ع) هجري سال جو ستون مهينو.

رَجبُوتُ، رَجپُوت: ذ. راجپُوت.

رُجحانُ: ذ (ع) لاڙو- توجهہ- ميلانُ.

رَجَزُ: ذ (ع) اهو شعر جيڪو عرب لڙائيءَ ۾ بهادري تي فخر ڪرڻ لاءِ چوندا هئا. علم عروض جو هڪ بحر.

رِجسٽرُ: ذ (انگ) داخلا جو ڪتاب. دفتر.

رُجماتِ: ث (ع) لارو. عقيدي جو لاڙو. مقبوليت (درويشي يا بزرگيءَ جي).

رَجعَت: ث (ع) واپسي- موٽَ.

رجعت پسند: ص. پراڻن خيالن وارو- قدامت پسند.

رَجَلُ: ذ (ع) مرد- ماڻهو.

رَجمينٽ: ث (انگ) پيدل سپاهين جو دستو- پلٽڻ.

رَجني: ث. رات- ليل- شب.

رِجَڻُ: م. ٻرڻ- وگهرڻ (ڌاتُو وغيره).

رُجُوعُ: ث (ع) واپسي- موٽ. لاڙو. رغبت. حاضري (عدالت ۾).

رُجوع ڪرڻ: حاضر ڪرڻ- پيش ڪرڻ. چالان ڪرڻ (عدالت ۾).

رَڄُ: ص. ڍاول. خوش. آسودو.

رَڄُ ڪرڻ: ڍؤ ڪرڻ. پيٽ ڀري کائڻ.

رَڄَڻُ: م. ڍؤ ڪرڻ. ڀرڻ (پيٽ). ڪائي ڀرجڻ. آسودو ٿيڻ.

رَجهه: ث. باهه تي پچڻ جي حالت. باهه- جيرو. ڪُهٽ- رڳهه.

رَجهڻُ: م. رڌجڻ (کاڌو). باهه تي پچڻ. گرمي يا ڪاڙهي ۾ پچڻ. ڪامڻ (اندر ۾).

رُڃَ: ث. بيابان ۾ اُس تي نظر ايندڙ ڪُوڙو ڏيک- سراب. بيابان- سُڃَ.

رَڃُ: ذ. روپي ڳهه تي چڙهيل سونو پاڻي- مُلمع.

رُچَ: ث. خواهش- لاڙو. حُبَ. اُڪير. مرضي. سڌَ.

رَچائِڻُ: م. رڱَ ۾ ٻوڙو ڏيارڻ. ڳاڙهو ڪرڻ. چوپڙ راند ۾ ڳوٽ ڇيلي ۾ اُماڻڻ.

رَچَڻُ: م. رنگ ۾ رڱجڻ. واسجڻ. اثر ٿيڻ (رنگ جو). رچي لال ٿيڻ. الاهي محبت ۾ محو ٿيڻ. رِٽڻ- سِٽڻ. بنائڻ (خاڪو). ٺهڻ- تيار ٿيڻ.

رُچَڻُ: م. سُهائڻ- پسند پوڻ- دل کي وڻڻ. موافق اچڻ. خوش ٿيڻ. رنگجڻ.

رَڇُ: ذ. ڪورڪي ڪم جو هڪ اوزار. ٽاڻءُ. نِکَر جو ڪوبه ٽاڻءُ. مڇي جهلڻ جو ڄارُ.

رِڇُ: ذ. هڪ قسم جو جانور.

رَڇي: ث. اها رڍَ يا ڳهيٽو جيڪو ٻارهن مهينن بعد اُنَ ڏئي.

رَحہ: ذ (ع) "رحمة الله عليہ" جو مخفف.

رَحِل: ث (ع) ڪاٺيءَ مان ٺهيل خاص قسم جي تختي جنهن تي قرآن شريف رکي پڙهجي.

رِحلت: ث (ع) روانگي- ڪُوچ. انتقال- موت- لاڏاڻو.

رِحلت ڪرڻ: وفات ڪرڻ- لاڏاڻو ڪرڻ.

رَحمُ: ذ (ع) ترس- قياس- ڪهل. ٻاجهه- مِهرَ. (ع. رِحم) ڪُڙهه- ٻچي داني.

رَحمانُ: ذ (ع) رحم ڪندڙ- ٻاجهارو. مهربان. خداتعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

رَحماني: ص. خدائي- اِلاهي.

رَحمَتَ: ث (ع) مهرَ- ٻاجهه- فضل- ڪرم.

رَحمَة اللِعالَمِين: ذ. سيني جهانن لاءِ رحمت. نبي سڳوري جو هڪ لقب.

رَحمدِل: ص (ف) قياس ڪندڙ- ٻاجهارو- مهربان.

رَحمدِلي: ث. قياس- ٻاجهه- ديا.

رَحِمي: ص. رحمدل. ٻاجهارو. قياسي.

رَحِيمُ: ذ (ع) نهايت مهربان. رحم ڪندڙ. خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

رُخُ: ذ (ف) مُنهن- چهرو- شڪل- صورت. ڏِس- طرف. پاسو. ڌيان- توجهه. نمونو- ڍول- ڍنگ.

رُخ بدلائڻ: مُنهن مَٽڻ. طرف بدلائڻ. بي مروتي ڪرڻ.

رُخ رکڻ: منهن ڪرڻ. روانو ٿيڻ.
رخ ڪرڻ: ڌيان ڏيڻ- توجهه ڏيڻ. مائل ٿيڻ- لاڙو رکڻ.
رَخت: ذ (ف) ڪپڙا لٽا. اسباب- سامان. اثاثو.
رَختِ سفر: ذ. مسافري جو سامان.
رُخسارُ: ذ (ف) ڳل.
رَخشان: ص (ف) چمڪندڙ- روشن- مُنور.
رُخصَت: ث (ع) موڪل- ڇُوٽي. اجازت. مهلت. موڪلائي.
رُخصت وٺڻ: اجازت وٺڻ- موڪل وٺڻ. روانو ٿيڻ.
رُخصَتي: ث (ع) ڪُنوار جي (شادي ء بعد) روانگي. نڪيڙي.
رُخنو: ذ (ف. رخنہ) اٽڪاء- خلل. فتنو.
رُخنہ اندازي: ث. اٽڪاء- ڀڃڪڙي. رنڊڪ.
رُخو: ذ (ف) شطرنج جي هڪ ڳوٽ- فيل- هاٿي.
رَدُ: ذ (ع) آڏو جواب. ترديد. ٽوڙُ. روڪ. (ص) بيڪار- ردي. منسوخ. ناقبول- نامنظور.
رد ڪرڻ: نامنظور ڪرڻ- منسوخ ڪرڻ. انڪاري. جواب ڏيڻ.
رِدا: ث (ع) چادر- اوڍڻي- پوتي.
رَدبدل: (ع) ڦيرگهير. مٽاسٽا.
رَد قد: ذ (ع. ردقدح) بحث مباحثو- دليل بازي. زباني تڪرار. بحث- تڪرار.
رَدي: ص (ع) ناقص- بيڪار. خراب- نڪمو. اُجلايل.
رَديف: ذ (ع) گهوڙي يا اُٺ تي پيلهه چڙهندڙ. علم عروض ۾ قافيي کان پوءِ پيو ساڳيو لفظ جيڪو ورائي ورائي اچي.
رَڌُ: ث. ڪاج جي لاءِ ديڳين ۾ رڌپچاء.

رُڌائڻُ: م. ڪم ۾ لڳائڻ- رُڌائڻ.
رَڌلُ: ص. رڌجي تيار ٿيل. گهڻو پڪل (ميوو).
رُڌلُ: ص. ڪم ۾ مشغول. مصروف.
رَڌڻُ: م. کاڌو باهه تي پچائڻ.
رَڌوپڪو: ذ. ٺهيل ٺڪيل کاڌو. ٺهي ٺُڪي.
رَڌي پَڪي: ث. رڌپچاء جو ڪم- سانجهه.
رَڙُ: ذ. ضد- تِسو. هوڙ.
رَڙ ڪڏائڻ: هوڙ ٻڌڻ. ضد ڪرڻ.
رَڙُ: ص. بيڪار. بيڙو. بدشڪل. گدلو. ٻنهه ڪارو ۽ گدلو.
رَڙي: ث. ضد. گهبي. ٿڏو. هوڙ.
رَڙي ڪرڻ: ضد ڪرڻ. گوهي ڪرڻ. آڙي ڪرڻ.
رِڍُ: ث. مشهور ڳهَرو جانور. (ص) مسڪين. ويچارو. بي ٻهچ.
رَذالَت: ث (ع) ڪميڻپ. بڇڙائي.
رَذيل: ص (ع) ڪميڻو- ڪريل- ذليل. نيچ.
رَڙ: ث. رِيهہ- ڪيهہ- چيخ. دانهن- واڪو.
رڙ ڪرڻ: وڏي دانهن ڪرڻ.
رَڙ نڪرڻ: ايذاء يا ڏک سبب دانهن نڪرڻ. عجب مان دانهن نڪرڻ. تمام گهڻو افسوس ٿيڻ.
رَڙائڻُ: م. دانهون ڪرائڻ. واڪا ڪرائڻ. روئائڻ (ٻار کي). ڪک ڪرڻ- سَتائڻ. رُلائڻ.
رَڙڪڻُ: م. ڪا سخت شيء ڪُرٽي کائڻ. ڪُرٽڻ- کائي وڃڻ. ڦٻائڻ.
رَڙڻُ: م. رڙيون ڪرڻ- دانهون ڪرڻ. واڪا ڪرڻ. روئڻ (ٻار کي). ٻاڏائڻ- ليلائڻ. ٻاڪارڻ.
رَڙو: ذ. مڇي جو هڪ قسم- ڪڳو. مڱن يا مٽرن جو سخت داڻو.
رَڙهاٽُ، رَڙاٽُ: ذ. وڏي رڙ- دانهن.

رڙهڻُ؛ مر. سرڻ- ڪسڪڻ- چُرڻ. ٿورو اڳتي ٿيڻ. آهستي هلڻ. ريڙهيون پائڻ (ٻار).

رڙي؛ ث. ڪٽڪ جو هڪ قسم (دالو سخت، ننڍو ۽ ڳاڙهو ٿئي).

رَزّاقُ؛ ص (ع) وڏو رزق ڏيندڙ- پالڻهار. خداتعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

رِزقُ؛ ذ (ع) روزي- چُوڻو- ڪاتو. دالو پاڻي.

رِزَلٽَ؛ ث (انگ) نتيجو (امتحان جو، ڪنهن ڪيل ڪم جو).

رَزمِ؛ ث (ف) لڙائي- جنگ- معرڪو.

رَزمگاهه؛ ث. لڙائي جو ميدان- جنگ جو ميدان.

رَزميه نظم؛ ذ. لڙاين جي بيان وارو شعر.

رَسِ؛ ث. ٿُلهو رسو- نوڙ.

رَسُ؛ ذ (سن) ٻوٽن جو پاڻي. ميون جو پاڻي. ڪمند جو پاڻي. شوروو- رَهو (ٻوڙ جو). سَتُ- جوهر. آواز جو ميناج. لذت- سواد. محبت- قُرب. صلح.

رَسالُ؛ ص. رس وارو- ذائقي دار.

رِسالَتَ؛ ث (ع) پيغمبري.

رسالت پناهه، رسالت ماب؛ ذ. نبي سڳورو- پيغمبر.

رِسالو؛ ذ (ع) ننڍو ڪتاب. ڪلام جو ڪتاب. مختلف موضوعن تي مضمونن جو مجموعو- مخزن. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام جو مجموعو. سنو گهوڙي سوارن جو دستو.

رُسامو؛ ذ. ناراضگي- رنجيدگي. ڪاوڙ.

رَسائِل؛ ذ (ع) "رسالو" جو جمع.

رَسائِڻُ؛ مر (ف. رسانيده) پهچائڻ- پُڄائڻ. توڙ ڪرڻ. راس ڪرڻ. پورو ڪرڻ (ڪم). ڪيميا جو عمل.

رُسائِڻُ؛ مر. ناراض ڪرڻ- رنجائڻ. ڪاوڙائڻ.

رَسائي؛ ث (ف) پهچ. پُڄت. رسوخ. گشتي عملدار جي منزل جو انتظام (رهائش ۽ ڪاتو).

رُستم؛ ذ (ف) هڪ ناميارو ايراني پهلوان. (ص) پهلوان- سورهيه.

رَستو؛ ذ (ف. راستہ) واٽ- سڙڪ- راهه. رسم- رواج. قاعدو. ڍنگ- طريقو. اچ وڃ جا تعلقات.

رستو ڏسڻ؛ واٽ ٻڌائڻ- راهه ڏيکارڻ. طريقو ڏسڻ. هدايت ڪرڻ.

رستو ڏِسڻ؛ انتظار ڪرڻ- واٽ ڏِسڻ.

رستو ڪڍڻ؛ طريقو ڪڍڻ- راهه ڪڍڻ. حيلو ڳولڻ.

رستو ولائڻ؛ روانو ڪرڻ. جواب ڏيڻ. انڪار ڪرڻ.

رَسجَڻُ؛ مر. رَسڻ. پهچڻ. راس ٿيڻ. پچڻ (ميوو).

رَسَدُ؛ ذ (ف) پهتل شيءِ. آمدني. ڪاڌ خوراڪ- راشن. قافلي سان گڏ ڪاڌي جو ذخيرو. سيڌو سامان (فوج لاءِ).

رِسڪَڻُ؛ مر. رڙهڻ- سرڻ.

رَسمَ؛ ث (ع) دستور- رواج- ريت. هلي چلي. ڍنگ- طريقو. عادت- روش.

رَسم رواج؛ ذ. طور طريقو- هليٰ چليٰ.

رَسمُ الخطّ؛ ذ (ع) لکڻ جو طريقو. تحرير- لکٽي.

رَسمِي؛ ص. رواجي- دستوري- عام مروج.

رَسَڻُ؛ مر (ف. رسيدن) پهچڻ- پجڻ. سَهڙڻ. راس ٿيڻ. تيار ٿيڻ. پچڻ (ميوو).

رُسَڻُ؛ مر. ناراض ٿيڻ- ڪاوڙجڻ. رسامو ٿيڻ. رنج ٿيڻ.

رُسڻو؛ ص. چيڙاڪ. زود رنج. رنج ۾ رُسي ويندڙ.

رَسو؛ ذ. نوڙ. واڄهه.

رُسوا؛ ص (ف) خوار- بدنام.

رُسوائِي؛ ث. خواري- بدنامي.

رُسُوخ؛ ذ (ع) پهچ- پجندي. اثر. هَلندي. پڪائي- مضبوطي.

رَسوَل؛ ث. هڪ قسم جو پسارڪو وکر.

رَسُولُ؛ ذ (ع) خدا جي طرفان پيغام ڪڻي ايندڙ نَبي سڳورو (جنهن تي ڪتاب نازل ٿئي)- پيغمبر.

رُسُوم؛ ث (ع) 'رسم' جو جمع- رسمون.

رَسوئِي؛ ث. کاڌو- طعام. رڌڻو.

رَسويو؛ ص. بورچي- راڌائو.

رَسِي؛ ث. مُڃ، ڦِيش، سَڻ وغيره مان ٺهيل نوڙي.

رَسِي ڇنائڻ؛ ڀڄي وڃڻ. آزاد ٿيڻ.

رَسِيدَ؛ ث (ف. 'رسيده') پهچ (لکيت ۾). وصوليءَ جي چٺي.

رَسِيدَه؛ ص (ف) پهتل- رسيل.

رَسِيلو؛ ص. رس وارو (ميوو).

رَش؛ ث (انگ) ماڻهن جي گهَڻِ. هُجوم.

رِشتو؛ ذ (ف) مائٽي- عزازت. سڱاوتي. تعلق- ڳانڍاپو. ناتو.

رِشتو ناتو؛ ذ. مٽي مائٽي.

رشتيدارُ؛ ص. مائٽ- عزيز.

رشتيداري؛ ث. مائٽي- عزازت.

رُشدُ؛ ذ (ع) سڌو رستو. هدايت. سچائي.

رَشڪ؛ ذ (ف) ريس- حسد- ساڙ.

رِشوَتَ؛ ث (ع. رِشوة) ڪنهن ڪم جي اُڪلاءَ لاءِ ناجائز طور ورتل رقم. ناجائز ڪمائي- وڍي.

رُشوتخور؛ ص. رشوت کائيندڙ.

رُشوتخوري؛ ث. رشوت کائڻ- حرامخوري.

رُشوت سَتانِي؛ ث. رشوت خوري.

رُشوتِي؛ ص. رشوت وٺندڙ- راشي.

رِشي؛ ذ (سن) (هندن ۾) پوتر منتر چوندڙ يا ڳاهيندڙ. مهاپُرش.

رَشِيد؛ ص (ع) هدايت ورتل. نيڪوڪار.

رَصَدگاه؛ ذ (ع. رصد، ف. گاه) آسماني تارن ۽ سَيارن جي مشاهدي جي جاءِ.

رَضہ؛ ذ (ع) "رضي الله تعاليٰ عنہ" جو مخفف.

رَضا؛ ث (ع) مرضي. اجازت- موڪل. خوشي. اَمُر (الهيٰ).

رَضا ڪرڻ؛ مرڻ- مري وڃڻ- وفات ڪرڻ.

رَضا جوئِي؛ ث. خوشنودي. مرضي.

رضاڪار؛ ص. بنا معاوضي خوشيءَ سان ڪم ڪندڙ- والنٽيئر.

رَضامند؛ ص. راضي- خوش.

رضامَندِي؛ ث. خوشي. اجازت. مرضي. خواهش- آمادگي.

رَضا و رَغبت؛ ث. اجازت ۽ خوشي.

رَضاعي؛ ث (ف) پترائي.

رِضاعِي؛ ص (ع) ٿڃ شريڪ.

رَضا نامو؛ ذ (ع. رضا، ف. نامہ) پرچاءَ- ٺاهه. صلح.

رِضوانُ؛ ذ (ع) بهشت. بهشت جي دربان جو نالو.

رَضوِي؛ ذ (ع) امام موسيٰ رضا ڏانهن منسوب.

رَضِي؛ ص (ع) راضي- خوش.

رَضِي الله تعاليٰ؛ جملو. خدا هن کان خوش هجي (ڀلارن شخصن جي نالي سان گڏ ادب لاءِ لفظ).

رَطبُ؛ ص (ع) پُسيل- آلو. تازو. نرم.

رَطبُ و يابِس؛ ص. سُڪل ۽ آلو. نيڪ ۽ بد- چڱو مٺو.

رَطَلُ؛ ذ (ع) تور جو هڪ ماڻ.

رُطوبَتِ؛ ث (ع) آلاڻ- نَمِي. تازگي.

رَعايا: ث (ع) رعيت- پرجا. عام ماڻھو.
رِعايت: ث (ع) حفاظت- بچاءُ. لحاظ- مروت. طرفداري. ڪمي- تخفيف (اگھ يا قيمت ۾)- ڇوٽ.
رعايتي: ص. رعايت سان- لحاظ سان.
رُعب: ذ (ع) دٻپ- خوف. دٻدٻو- ڌاڪو.
رُعب تاب: ذ. دٻدٻو- ڌاڪو- شان شوڪت.
رُعبدار: ص. دٻدٻي وارو. حشمت وارو. ماڻھن تي ڌاڪو وھاريندڙ.
رَعد: ذ (ع) ڪڪرن جي گوڙ.
رَعشو: ذ (ع. رعشہ) ڏڪڻي- ٿرڪڻي. ھڪ بيماري جو نالو.
رَعنا: ص (ع) ناز سان ھلندڙ. خوشنما. سھڻو. نازڪ.
رَعنائي: ث. ناز سان ھلڻ- ٺورَ. حُسن- سُونھن. سينگار.
رَعُونَت: ث (ع) تڪبر- ھٺ- غرور- گھمنڊ.
رَعِيَت: ث (ع) بادشاھي يا ملڪ ۾ رھندڙ ماڻھو- رعايا- پرجا. عام ماڻھو.
رَعِيَتِي راڄ: ذ. عام ماڻھن جي حڪومت- عوامي جمھوريہ.
رَغبَت: ث (ع) خواھش- سڌ. چاھہ. لاڙو.
رَف: ص (انگ) ردي. خراب. بيڪار.
رَفاقت: ث (ع. رِفاقت) ھمراھي- سات- سنگت. صحبت- دوستي- ياري.
رفاقت ڪرڻ: گڏ ھلڻ- سات ڏيڻ. سنگت ڪرڻ.
رِفاه: ذ (ع) آرام جي زندگي. زندگيءَ جو مزو. آرام- سک. نيڪي- ڀلائي. ڀلي جو ڪم.
رِفاہ عام: ذ. عام ماڻھن جو ڀلو- عوام جو سک.
رَفتار: ث (ف) چال- ھلڻي. پنڌ جو نمونو.
رَفتار گُفتار: ث. ھلت چلت. رھڻي ڪھڻي.
رَفتہ: ص (ف) ويَل. مُئل. گم ٿيل.
رَفتہ رَفتہ: ظ (ف) ھلندي ھلندي- ٿيندي ٿيندي. آھستي آھستي- بتدريج.
رَفرَف: ذ (ع) اھا سُواري جنھن تي نبي سڳورو معراج جي رات سدرة المنتھيٰ کان بارگاہ الھيٰ تائين ويو. (ص) تيز رفتار- تکو.
رَفع: ذ (ع) بلندي- اُوچائي. ترقي- عروج. نيڪالي.
رَفع ڪرڻ: ٽارڻ- پري ڪرڻ. ختم ڪرڻ (معاملو).
رَفعَت: ث (ع) بلندي- اوچائي. ترقي- عروج. وڏائي- شان.
رَفع حاجَت: ث. پاخاني جي حاجت جي پورائي.
رَفع دَفع: ذ. خاتمو. فيصلو- نبيرو. درگذر- لٿي مٿي.
رُفقاء: ذ (ع) "رفيق" جو جمع. ساٿي- همراه.
رَفُو: ذ (ع) ڦاٽل ڪپڙي جو سوراخ ڌاڳن سان پرڻ- ٽُن (پرڻ)- ٻور (پرڻ).
رَفُوگر: ص. ڪپڙي کي ٽُن پرڻ جو ڪم ڪندڙ.
رَفُو چڪر: ذ. فرار- ڀاڄ. گمشدگي.
رَفُو چڪر ٿيڻ: تکڙو وڃڻ. گم ٿيڻ. ڀڄي وڃڻ.
رَفِيع: ص (ع) بلند- اُوچو- مٿانھون.
رَفِيعُ الدّرجات: ذ. وڏي مرتبي وارو.
رَفِيق: ص (ع) ساٿي- همراه- ٻيلي. مددگار- معاون. دوست- يار. پاٺيوار.
رَڦڻ: ڏڪڻ- ڪنبڻ. ٿرڪڻ.
رَڦڻي: ث. ڏڪڻي. ڪنبڻي. ٿرڪڻي.
رَقابَت: ث (ع) مخالفت- دشمني. بغض. محبت ۾

پائيواري.

رَقاصہ، ث (ع) ناچڻي.

رَقبو، ذ (ف. رقبہ) گهيريل زمين. ايراضي- پکيڙ.

رِقت، ث (ع) چِٽائي (پاڻيٺ جي)- پتڙائي. پاڻيٺ. روئڻ- روڄ. دل جي نرمي ۽ ڪهل واري حالت.

رِقتِ آميز، رِقت انگيز، ص. ڏک ڀريو- قياس جوڳو. دردناڪ.

رِقتِ قلب، ث. دِل پگهرڻ جي حالت. دل جي نرمي. رحمدلي.

رَقصُ، ذ (ع) ناچ- نِرت.

رقص و سُرود، ذ. ناچ گانو.

رُقعو، ذ (ع. رُقعہ) ٽُڪرو- پرزو. چِٺي- خط.

رَقمَ، ث (ع) تحرير- لکيت. تعداد- جوڙ. مال- ناڻو. روڪڙ.

رَقم طراز، ص. لکندڙ- تحرير ڪندڙ.

رَقيبُ، ص (ع) حريف. مقابل. ساڳئي معشوق جي عاشقن مان ڪوبہ هڪ. مخالف.

رَقيقُ، ص (ع) پَتڙو- پاڻيءَ جهڙو. نرم.

رَقيقُ القَلبُ، ص. نرم دل- رحمدل.

رَڪ، ص. سخت. سخت دل- بيرحم. ظالم.

رُڪ، ذ. هڪ مشهور ڌاتو- فولاد. رُڪ مان ٺهيل تلوار (هٿيار).

رِڪابَ، ث (ف) ٿالهي- پليٽ.

رِڪابِي، ث. ٿالهي.

رِڪابُ، ذ (ع) گهوڙي جو هڪ سنج (پيرن رکڻ لاءِ لوهي چِلو).

رِڪابدارُ، ص. گهوڙي تي سوار ٿيندڙ کي چڙهڻ ۾ مدد ڪندڙ خدمتگار.

رِڪارڊُ، ذ (انگ) دفتر. لکپڙهہ. گراموفون جي آواز پريل پليٽ.

رُڪاوٽَ، ث. روڪ- رنڊڪ. اٽڪاءُ.

رَڪبُ، ذ. زميندار جو هاريءَ تي ٻانڌاڻ- لاڳُ.

رِڪتَ، ث. نفرت. اڻ وڻندي. ڪراهت. بيزاري.

رُڪجڻُ، م. روڪجڻ. اٽڪڻ.

رَڪعَتَ، ث (ع) نماز جو هڪ حصو (قامت کان سجدا ڏيڻ جو عمل).

رُڪنُ، رُڪُنُ، ذ (ع) ٿنڀ- سٿون- پايو. ڪنهن جماعت جو هڪ ميمبر. عروضي شاعري جو هڪ وزن (ڏهہ رڪن؛ فاعلن. فعولن. فاعلاتن. مفاعيلن. مُستفعلن. متفاعلن. مفاعلتن. مفعولات).

رُڪڻُ، م. ترسڻ. بيهڻ. اٽڪڻ.

رُڪوعُ، ذ (ع) نماز ۾ گوڏن تي هٿ رکي جُهڪڻ.

رِڪيبُ، ذ (ع) رِڪابُ.

رَڪيڪُ، ص (ع) پتڙو. نازڪ. ادني. خسيس.

رَکَ، ث. سنڀال- حفاظت. ڪِري- پرهيز. ٻوڪ يا جهنگ جو ٽُڪر جيڪو چاري يا شڪار لاءِ محفوظ رکجي.

رَکِ، ث. سڙيل شيءِ جي خاڪ- ڇارِ- مٽي.

رَکاتَ، ث. لاوڙ- رکت.

رکائڻُ، م. ڏرائڻ. ڪنهن جاءِ تي ڏرائڻ.

رکائي وجهڻ، بهانو ڪرڻ. ٽِگي ڪرڻ. اٽڪل ڪرڻ.

رکائي، ث. خُشڪي- اليائي. بدمزاجي- بي رُخي.

رکت، ث. اوتر. مهلت.

رکپالُ، ص. راکو- چوڪيدار- محافظ.

رکِ رکاءِ، ث. لحاظ- مروت.

رکِ رکاءُ، ذ. لحاظ- مروت.

رکڻُ، م. وجهڻ- ترڻ. رکي ڇڏڻ. ملتوي ڪرڻ. بچائڻ. سنڀالڻ. هٿڻ (الزام). مقرر ڪرڻ (ملازم).

رکشار: ص. سنڀاليندڙ- بچائيندڙ- محافظ.
رکي ڇڏڻ: محفوظ ڪرڻ. بچائي رکڻ. جمع ڪرڻ.
رکو: ص. سُڪل- خشڪ. الو. ٻاجهي يا ڳُنڌڻ کان سواءِ (ڪاڏو). بي مزي- بي سواد. بدمزاج. بي مروت.
رکو جواب: ذ. صاف جواب- انڪار.
رکو سُڪو، رکو سڪو: ذ. ٻنان ڳُنڌڻ- ٻنان گيهه (ڪاڏو). الو.
رکي سُڪي، رکي سڪي: ث. الي ۽ ٻنان ڳُنڌڻ جي ماني. سادو ڪاڏو.
رکوالُ، رکوالو: ص. پهريدار- محافظ- سنڀاليندڙ.
رکوالي: ث. حفاظت- سنڀال. چوڪيداري.
رَڳَ: ث (ف) رڳ- نَس- نبض.
رڳ و ريشه: ذ. اصل نسل. اڱال.
رَڳَ: ث (ف. رگ) نَس- نبض. عادت- هير. خصلت.
رڳَ سڃاڻڻ: عادت کان واقف ٿيڻ. طبيعت سمجهڻ.
رِڳَ: ص. ٻنيان لڳي پوندڙ- جِجا- ڳِڪَ.
رَڳڙ: ث. گهڪو. رهڙ.
رَڳڙَڻُ: م. مهٽڻ. گسائڻ. گهڪا ڏيڻ. مَلڻ- ماپڻ (ٽانو). رهڙڻ. گهوٽڻ (ٻنگ وغيره). چپڻ. سختي ڪرڻ. سيکت ڏيڻ.
رَڳڙجي وڃڻ: پيسجي وڃڻ. تڪليف هيٺ اچڻ. نقصان هيٺ اچڻ.
رَڳڙو: ذ. جهيڙو- جهڳڙو- تڪرار.
رڳڙو جهڳڙو: ز. جهيڙو جهٽو- تڪرار. فساد.
رڳڙو ڏيڻ: مهٽو ڏيڻ- گهڪو ڏيڻ. سيکت ڏيڻ.
رڳو: ظ. فقط.
رڳو پڳو: ظ. فقط اڪيلو- ڇڙو.

رگهَ: ث. گرميءَ ۾ هوا بند ٿيڻ سبب ساهه جي مونجهه- اُبس- گهُٽَ.
رگهو: ذ. چهنباري شيءِ (ڪاني وغيره) سان چوڪَ.
رگها هڻڻ: چوڪون ڏيڻ (چهنبياري ڪانيءَ سان). طعنا ڏيڻ. چهنباري شيءِ سان ڳجهو ڌڪ هڻڻ. نقصان پهچائڻ.
رَڱُ: ذ (سن. ف. رنگ) رنگ- ورن.
رَڱاوَٽَ: ث. ڪپڙي وغيره کي رڱڻ جو ڪم- رڱائي.
رَڱجَڻُ: م. رنگجڻ. اثر چڙهڻ (صحبت جو). مالا مال ٿيڻ.
رَڱڻُ: م. رنگ ڏيڻ. رنگ چاڙهڻ. رنگڻ.
رَلائِڻُ: م. مِلائڻ- گڏائڻ. گڏوچڙ ڪرڻ. شامل ڪرڻ.
رُلائِڻُ: م. ڀٽڪائڻ- اجايا چڪر ڪڍائڻ. دربدر ڪرڻ. اجايو هلائڻ.
رَلِجَڻُ: م. گڏوچڙ ٿيڻ. مِلي وڃڻ.
رَلڪو: ذ. ننڍي رَلي.
رَلَڻُ: م. گڏڻ- ملڻ. هلڻ- رمڻ.
رَلڻ ملڻ: رِلي مِلي وڃڻ- گاهل ماٺل ٿيڻ.
رِلئو مَلئو: ص. خوش اخلاق- ڪلمک.
رُلَڻُ: م. ڀٽڪڻ. دربدر ٿيڻ. اجايو گهمڻ ڦرڻ. چڪر ڪڍڻ. پريشان ٿيڻ. ٻوڙ ٻڪڻ. وچڙڻ.
رَلو: ذ. گهوڙي جو وچٿرو پند. وڏي رِلي- گودڙ.
رَلي: ث. اڳڙين مان ٺهيل هڪ وڇائو (جيڪا هند بستري طور ڪم اچي يا سمهڻ مهل مٿان وجهجي).
رِمارڪ: ذ (انگ) راءِ- رايو.
رَماڪُ: ذ. دلبو- ڏٽو. ٺگيءَ وارو ڪوڙو آسرو.
رَمال: ذ (ع) رَمل جو حساب ڪندڙ. فال وجهندڙ رملي.

رِماندِ؛ ذ (انگ) جوابدار کي جاچ لاءِ حراست ۾ ورتل اجازت.

رَمائِڻُ؛ م. ڊوڙائڻ. گهمائڻ. ڦيرائڻ. ڀڄائڻ– مُنجهائڻ. راند کيڏائڻ. وندرائڻ.

رَمتو، رَمتُو؛ ص. گهمندڙ– گهمندڙ ڦرندڙ. هلندڙ. مسافر– واٽهڙو. سيلاني.

رِم جِهم؛ ث. سنهي بارش– هلڪو مِينهن– بُوندَ. جُهڙ جُهڙالو.

رَمزَ؛ ث (ع) اک يا ڀرون وغيره جو اشارو– مامَ. اهڃاڻ. راز. ڳجهه– پرولي. ڪِنڊ– اٽڪل.

رَمزَشناس؛ ص. اشاري مان سمجهندڙ. هوشيار. چالاڪ.

رَمضانُ؛ ذ (ع) هجري سال جو نائون مهينو (روزن وارو مهينو).

رَمَق؛ ث (ع) ذري شيءِ. آخري پساهه.

رَمَلُ؛ ذ. (ع) ليڪن ۽ انگن وسيلي ڳجهين ڳالهين جون جاڻڻ جو حيلو.

رَملي؛ ص. رَمال. اٽڪل باز ڏُڪائي.

رَمَڻُ؛ م. گهمڻ– هلڻ. پسار ڪرڻ. وڃڻ– هلڻ. کِسڪڻ. ڀڄڻ. راند کيڏڻ.

رَمڻي؛ ث. سهڻي موهيندڙ عورت. (ص) خوبصورت– سهڻي. هلڻي.

رُموز؛ ث (ع) رمزون.

رِمي؛ ث. رت ڪيڻ جي سِڱي.

رَنَ؛ ث. عورت. مڙس مري ويل عورت– بيوه.

رَناپو، رَناپو؛ ذ. رنڙ ٿيڻ جي حالت– ڏهاڳ.

رُنبَ؛ ث. ٻيجو هڻڻ– رونبو.

رُنبَڻُ؛ م. سلو هڪ هنڌان ڪڍي ٻيءَ جاءِ تي هڻڻ– رونبو ڪرڻ (سارين، بصر، بڪر وغيره ٻيجي جي وِهَر ڪرڻ). ڦسَڻ– ڀرڻ (مٽيءَ ۾).

رَنبو؛ ذ. ڳڏ ڪرڻ يا ڏري کوٽڻ جو لوهي اوزار.

رَنبي؛ ث. ننڍو رنبو. واڍڪي ڪم جو هڪ اوزار.

رَنبَ؛ ث. رڙ– دانهن. چوپائي جو آواز (مينهن، ڍڳيءَ جو). هڪل.

رُنبَ؛ ث. ڪم ۾ مشغولي.

رَنيات؛ ذ. وڏي رڙ. رانيات.

رُنبائِڻُ؛ م. ڪم ۾ لڳائڻ– مشغول ڪرڻ.

رَنبَڻُ؛ م. رڙڻ– دانهون ڪرڻ. وڏي آواز سان روئڻ. زور سان سڏ يا هڪل ڪرڻ. چوپائي جانور جو ڊِڪڻ.

رَنجُ؛ ذ (ف) تڪليف– درد. ايذاءَ– سُورُ. ڏک– افسوس– غم. ڪاوڙ– غصو. ڏمر. (ص) ڏکويل. ڪاوڙيل.

رَنج ٿيڻ؛ ناراض ٿيڻ. ڪاوڙجڻ.

رَنج ڪڍڻ؛ پٽ ڪڍڻ– آهه ڪڍڻ.

رَنجائِڻُ؛ م (ف) آزارڻ. ڏکوئڻ.

رَنجِش؛ ث (ف) ناراضگي. اڻبڻت. ڏک. ڪاوڙ.

رَنجُورُ؛ ص (ف) غمگين– ڏکويل. بيمار.

رَنجُوري؛ ص. ڏکويل. بيمار. رنجيده.

رَنجيدگي؛ ث (ف) رنجش– ڏُک. ڪاوڙ.

رَنجِيدَه؛ ص (ف) غمگين. ملول. اُداس. ناراض. بيزار.

رِنجهه ڪِنجهه؛ ث. ڪِلڪِل– گهپي– کِٽ ڦِٽ. بيماري. آزار.

رَندُ؛ ذ. گهڪو– رَهڙ (سِڪي يا ڌاتو کي). پَڪي زمين مان گسُ– پيچرو. واٽ– دگ.

رَندن ۾ رولڻ؛ رولڙي ۾ وجهڻ– دربدر ڪرڻ. تڪليفون ڏيڻ.

رِندُ؛ ص (ف) آزاد. چُڙواڳ. بيپرواهه. جنهن شخص

جو ظاهر عيبدار ۽ باطن سٺو هجي. شرابي. صوفي.
رِندِي؛ ث. آزادي- ڇڙواڳي. ضابطن پابندين کان بي تعلقي يا بيپرواهي.
رَندَڻُ؛ م. چلڻ. رندو هڻي صاف ڪرڻ.
رَندو؛ ذ (ف) واڍڪي ڪم جو هڪ اوزار.
رَنڊلو؛ ذ. رڏلو- بورچيخانو.
رَنڊ؛ ث. اٽڪاءُ- رنڊڪ- رخنو. جهل پل.
رَنڊ روڪ؛ ث. جهل پل- منع.
رَنڊائڻ؛ م. رخنو وجهڻ- رنڊڻ. روڪڻ. ترسائڻ- سيڙائڻ.
رَنڊجَڻُ؛ م. اٽڪ پوڻ- اٽڪاءُ ٿيڻ.
رَنڊڪَ؛ ث. اٽڪ- اٽڪاءُ- رڪاوٽ. سيڙپ. پيچڪڙي.
رَنڊَڻُ؛ م. روڪڻ- جهلڻ- اٽڪاءُ ڪرڻ. ترسائڻ- سيڙائڻ. پيچڪڙي وجهڻ. رخنو وجهڻ.
رَنڊِي؛ ث. ڪسبياڻي. ناچڻي.
رَنڊِيبازُ؛ ص. رنڊين سان زنا ڪندڙ. عياش. بدڪار.
رَنڊِيبازي؛ ث. رنڊين سان زناڪاري. عياشي. بدڪاري.
رُنڊُ؛ ص. ڇڙوڇانڊ.
رَنڊو؛ ذ. ٿلهو اڻ وٽيل سٽ.
رَنڊا روڙڻ؛ ڪپهہ مان ڳنڍيون ڪڍڻ. ٿلهي وٽيل سٽ مان ڳنڍيون ڪڍڻ.
رَنڙ. رَنڙي؛ ث. مڙس مري ويل (عورت).
رَنڙُ؛ ص. زال مَري ويل (مرد). ڇڙو.
رَنسَ؛ ث (انگ) دوڙ. ڪرڪيٽ راند ۾ وڪيٽ جي هڪ پاسي کان ٻئي پاسي تائين دوڙ.
رَنگُ؛ ذ (ف) وَرن- رگُ. نمونو- طرز- ڍنگ. رنگدار روغن. ڪنهن بہ قسم جو آٽو يا ٻورو (جنهن سان ڪپڙو وغيره رنگجي). رونق- سهڻائي. حالُ- ڪيفيت. خوشي. تماشو- کيلُ. تاس ۾ حڪم وارو رنگ- ترُپ.
رَنگ آميز؛ ص. رنگ ملائيندڙ. رنگين.
رَنگ آميزي؛ ث. نقاشي. رنگيني. لطافت- مزو.
رنگ اُڏامڻ؛ رنگ ڦٽڻ. رونق ختم ٿيڻ.
رنگ بدلڻ؛ رنگ مٽائڻ. نمونو بدلائڻ.
رنگ پيدا ڪرڻ؛ نئون ڍنگ اختيار ڪرڻ.
رنگ ڄَمائڻ؛ اثر ڪرڻ. رونق ڪرڻ. مزو پيدا ڪرڻ.
رنگ چڙهڻ؛ رنگ جو اثر ٿيڻ. رونق ۾ اچڻ. مستيءَ ۾ اچڻ.
رنگ ڏسڻ؛ تماشو ڏسڻ. حالت تي نظر ڪرڻ.
رنگ ڏيکارڻ؛ تماشو ڏيکارڻ. حالت ڏيکارڻ. اثر ڪرڻ. مزو چکائڻ.
رنگ رَچڻ؛ رنگ جو اثر سمائجڻ. تماشو ٿيڻ. رونق اچڻ.
رنگ ڪرڻ؛ نمونا ڪرڻ. تماشو ڪرڻ. خوشي ڪرڻ.
رنگ ۾ ڀَنگ؛ محاورو. خوشيءَ ۾ خلل. سک ۾ ڏک. آرام ۾ مصيبت.
رنگ و بُو؛ ث. رونق. شان شوڪت.
رُنگَ. رنگارنگي؛ ث. وزن ڪان وڌيڪ ڳهڙَ- سوائي- رونگ. رنگارنگِي.
رَنگارَنگ؛ ص (ف) قسمين قسمين رنگن جو. طرحين طرحين. رنگين.
رَنگاوَتَ؛ ث. رڱاوت (ڪپڙي تي).
رنگائڻ؛ م. رنگ چاڙهائڻ.
رنگائي؛ ث. رنگڻ جي اجرت. رڱاوت.
رنگ برنگ؛ ص. جدا جدا رنگن وارو- رنگين. گهڻن

قسمن جي رنگن وارو.
رَنگَتَ؛ ث. رنگ- رگَ. صورت- روپ. حالت.
رنگدار؛ ص. رنگين. خوشنما.
رَنگ ڍَنگُ؛ ذ. طور طريقو. هَلي چلي. چال چلت.
رَنگرُوٽ؛ ذ (انگ) نئون ڀرتي ٿيل سپاهي. سيکڙاٽ (ملازم). ناتجربيڪار.
رنگ روپُ؛ ذ. سونهن سوڀيا.
رنگ روغن؛ ذ. ڪمانگري يا نقاشي.
رنگريز؛ ص (ف) رنگ چاڙهيندڙ (ڪپڙي تي)- نيروٽي.
رَنگساز؛ ص (ف) رنگ ٺاهيندڙ- رنگ ڏيندڙ- ڪمانگر.
رَنگسازِي؛ ث (ف) جاين وغيره تي رنگ ڪرڻ جو ڪم. چٽسالي- نقاشي.
رنگ مَحلُ؛ ذ (ف) بادشاهن يا اميرن جي عيش ڪرڻ جي جاءِ.
رَنگڻُ؛ م. رنگ ڏيڻ. رنگ چاڙهڻ. ڇٽَ ڪڍڻ. رڱڻ.
رِنگڻُ؛ م. روئڻ (ٻار). هروقت روئڻ (ٻار). لاڳيتو ڪُرندو رهڻ.
رَنگِي؛ ص. رنگين. سهڻن رنگن وارو.
رَنگيل؛ ص. رنگ چڙهيل- رنگين. اثر ۾ آيل.
رَنگيلو؛ ص. ترڙو- هلڪي طبيت وارو. عياش. (ث. رنگيلي).
رَنگينُ؛ ص (ف) رنگن وارو- رنگ برنگ.
رَنگينُ مزاجُ؛ ص. عياش. خوش طبع.
رَنگِيني؛ ث (ف) سهڻائي. خوبصورتي.
رِنگهہ ڇَنگهہَ؛ ث. سُور يا بيماريءَ جي ڪَٿڪَ- ڪِهِي.
رَنوڙُ؛ ص. رنڙ (مرد). (ث. رَنوڙ).

رَنِي؛ ث. ڏهاڳڻ- بيوهہ (عورت).
رِڻُ؛ ذ (سن. رَن) لڙائي- جنگ. جنگ جو ميدان. سُڃَ- ويراني. رُڃ. بيابان- صحرا.
رِڻُ ٿيڻ؛ ظلم ٿيڻ. انڌير ٿيڻ.
رِڻُ ڪرڻ؛ ظلم ڪرڻ. انڌير ڪرڻ. سُڃَ ڪرڻ. تباهي ڪرڻ.
رِڻ ۾ رلائڻ؛ دربدر ڪرڻ. دغا ڪرڻ.
رُڻُ جُهڻو؛ ث. ڳالهہ ٻولهہ. وندر واري گفتار. آهستي ڳالهہ ٻولهہ. جهونگار.
رَو؛ ص (ف) هلندڙ (جهڙوڪ راهرَو، تيزرو وغيره). (ذ) وهڪرو. رَءُ. اڳرائي- زيادتي.
رَو ڪرڻ، رَو ڪڍائڻ؛ اڳرائي ڪرڻ.
رُو؛ ذ (ف) رُوءِ- صورت- شڪل.
رَوا؛ ث (ف) جائز- مباح. درست. واجب. (ص) هلائيندڙ- پُورو ڪندڙ (مرڪب لفظن جي آخر ۾ ڪم اچي، جهڙوڪ "حاجت روا، فرمان روا وغيره).
رَوائي؛ ث. پورائي- تڪميل (جهڙوڪ حاجت روائي وغيره).
رَوابط؛ ذ (ع) "رابطہ" جو جمع.
رَواتَ، رَواتِي؛ ث. لوهہ ڪي گسائڻ جو هڪ فولادي اوزار (ٻہ قسمَ؛ ٽِڪوري، سُونهن).
رَواجُ؛ ذ (ف) رسم- ريت- دستور. هلي چلي.
رواجي؛ ص. رسمي. معمولي. عام- چالُو.
رَوادارُ؛ ص (ف) درست سمجهندڙ. طرف ڪٺندڙ- پاسو ڪٺندڙ- حمايتي.
رَوادارِي؛ ث. پاسخاطري- طرفداري- حمايت. لحاظ- مروت.
رَوازُ؛ ذ. رياءَ. رواج. اجائي ڳالهہ. هڪ طرفي ڳالهہ.
رَوازِي؛ ص. رياڪار. منافق.

رِوالوَرُ؛ ذ (انگ) چرخيءَ وارو پستول.

رَوان؛ ص (ف) جاري- وهندڙ. هلندڙ- چالُو. تيز- تکو(اوزار). لس پڙهڻ جو نمونو.

رَوان ڪرڻ؛ چالو ڪرڻ- هلائڻ. جاري ڪرڻ.

رَوان دَوان؛ ظ (ف) چالو- هلندڙ. وهندڙ.

رَوانگِي؛ ث (ف) وڃڻ- اُسهڻ. موڪلڻ. ڪُوچ. نيڪال.

رَوانو؛ ص (ف. روانہ) ويندڙ. هلندڙ. وِيَل. موڪليل.

روانو ڪرڻ؛ موڪلڻ- اُماڻڻ.

رواني؛ ث (ف) وَهڪَ. تيزي. سلسلو.

رِوايات؛ ث (ع) "روايت" جو جمع. ريتيون رسمون.

رِوايَت؛ ث (ع) ٻئي جا چيل لفظ بيان ڪرڻ. ٻئي جي ڳالهہ جو نقل. بيان- ذڪر.

روباہ؛ ذ (ف) لومڙ. (ص) بزدل.

روباهِي؛ ث (ف) دغابازي- مڪاري. بزدلي.

رُوبَرُو؛ ظ (ف) آمهون سامهون. مُنهن مقابل.

روبڪاري؛ ث (ف) شنوائي- پيشي. ڪنهن جي اڳيان ٿيل ڪاروائي. فيصلي جي لکيت.

روٽُ؛ ذ. ٿُلهي ماني. مِٺي ماني. نذر ڏيڻ لاءِ ماني. 'غوث' جي پانڌيڙن جي ماني.

روٽلو؛ ث. ٿلهي ماني. ڍوڍو.

روٽي؛ ث. ماني. ڊبل روٽي.

رولِي؛ ث. سوپاريءَ جو هڪ قسم (جيڪا سخت ٿئي).

روپُ؛ ذ. چاندي.

رُوپُ؛ ذ (سن) صورت- شڪل- چهرو. طرز- ڍنگ. سُونهن- حُسن. رونق. جلوو. چاندي.

رُوپ مَٽائڻ؛ شڪل بدلائڻ. ڊول ڦيرائڻ. چمڙا پوش ڪرڻ.

روپو؛ ص. چانديءَ جو- چانديءَ جهڙو.

روپوش؛ ص (ف) لڪل- مخفي- ڳجهو. ويس بدلائي ڀڳل- مفرور.

روجُ؛ ذ. روئڻ- ماتم.

روجُ پٽڪو، روجُ راڙو؛ ذ. وڏي آواز سان گهڻو روئڻ. دانهون ڪوڪون. هُل حشر.

روجهہ؛ ذ. هڪ قسم جو جابلو جانور.

روچي؛ ث (ف. روزي) روزي- رزق- چُوڻو.

رُوحُ؛ ذ (ع) ساهُ. سَتُ- جوهر.

رُوح اٽڪڻ؛ دل ٿيڻ- دل ڦاسڻ. انتظار ٿيڻ.

رُوح ٿيڻ؛ دل ٿيڻ. خواهش ٿيڻ. سَڌ ٿيڻ. مرضي ٿيڻ.

رُوح تنگجڻ؛ انتظار ٿيڻ. سِڪَ ٿيڻ.

رُوح پرواز ڪرڻ؛ پساہ نڪرڻ. فوت ٿيڻ.

رُوح ڦوڪڻ؛ ساہ وجهڻ. جيئرو ڪرڻ. جوش پيدا ڪرڻ.

رُوح قبض ڪرڻ؛ ساہ ڪڍڻ. مارڻ. ٻيجارڻ.

رُوحُ الله؛ ذ (ع) حضرت عيسيٰ عليه السلام جو لقب.

روح القُدس، روح الامين؛ ذ (ع) حضرت جبريل عليه السلام.

روحاني؛ ص. روح سان تعلق رکندڙ. مقدس.

رُوحانِيت؛ ث. روحاني قوت. باطني قوت.

رُوح اَفزا؛ ص (ف) دل کي فرحت ڏيندڙ.

رُوح پَرور؛ ص (ف) دل کي جيارينڌڙ يا سکهہ ڏيندڙ.

رُوح رُچندو؛ ص. دل گهريو- دل پسند- دل کي وڻندڙ.

رُوحُ رَوان؛ ص (ف) روح کي تباہ ڪندڙ-

خطرناڪ. افسوسناڪ.

رُودُ؛ ذ (ف) ندي- دريا.

رُودبار؛ ذ. ڪاري (جتي گهڻا دريا، وهي اچن).

رُوداد؛ ث (ف) بيان. ڪارروائي. ماجرا.

رودَنُ؛ ذ. روڄ- ماتم. واويلا. روڄ پٽڪو.

رودو؛ ذ (ف) آنڊو. سُڪل آنڊي جي تند (جيڪا ڪنهن ساز ۾ وڄي).

روڏ؛ ث. وارن لٽل مَٿو- گنج- ٽوڙهه.

روڏو؛ ص. مٿي ڪُوڙيل- ٽوڙهو- گنجو. (ذ) اٺ. پکيءَ جو هڪ قسم.

روڊُ؛ ذ (انگ) رستو- سڙڪ.

روڙ؛ ث. وڻ يا ٻُوٽي مان ڀَن ڪوهڻ.

رُوڙ؛ ث. تکي ٻوڙ. اُمالڪ ٻوڙ. اُوناڙ (گدڙ وغيره جي).

روڙڻُ؛ م. وڻ يا ٻوٽي جا پن يا ڦرَ ٽاريءَ مان مٿ سان ڇڪي جدا ڪرڻ.

روڙو، روڙهو؛ ذ. ڳنڍيو (ڪنهن چيزجو. مثلا آمل وغيره جو). ڀنوڙو ڳنڍيو. زنب. پهڻ.

رُوڙو؛ ص (ياٽڪي) سُٺو- عمدو. ڀلو. نيڪ (ث) رُوڙي).

روزُ؛ ذ (ف) ڏينهن- يوم. هڪ ڏينهن جي اجرت (ظ) روزانو- ڏهاڙي.

روز آفزُون؛ ظ (ف) روزانو وڌندڙ- ڏينهون ڏينهن وڌندڙ.

روزانو؛ ظ (ف) هرروز. هميشه- سدائين.

روزِ اَلَست؛ ذ (ف) آدم جي پيدا ٿيڻ وارو ڏينهن (جڏهن خلقت جي روحن جو خالق (خدا) سان وعدو ٿيو هو.).

روز بروز؛ ظ (ف) ڏينهون ڏينهن. هر ڏينهن.

روزِ جَزا؛ ذ (ف) آخري ڏينهن- قيامت جو ڏينهن.

روز روزُ؛ ظ (ف) ڏهاڙي- روزانو- هرروز.

روز روشنُ؛ ذ (ف) ڏينهن- صبح.

روزگارُ؛ ذ (ف) پيٽ گذر. نوڪري. ڌنڌو. ڪمائي. پورهيو.

روزگار ڪرڻ؛ نوڪري ڪرڻ. ڌنڌو ڪرڻ. پورهيو ڪرڻ. پيٽ گذر ڪرڻ.

روزِ مَحشر؛ ذ (ف) قيامت جو ڏينهن.

روزمَرہ؛ ظ (ف) روزانو- ڏهاڙي. هرڏينهن.

روزَن؛ ذ (ف) دري- ڳُڙکي. روشندان وارو سوراخ.

روزنامچو؛ ذ (ف) روز جي ڏيتي ليتي لکڻ جو ڪتاب.

روزنامو؛ ذ (ف) روزاني اخبار.

روز نجات؛ ث (ف) ڇوٽڪاري جو ڏينهن.

روزو شب؛ ظ (ف) رات ڏينهن.

روزو؛ ذ (ف. روزه) دين اسلام جي فرض مطابق اَسُر کان وٺي سج لهڻ تائين نه کائڻ نه پيئڻ. فاقو.

روزائتو؛ ص. روزي سان.

روزو پچڻ، روزو ٽوڙڻ؛ روزي ۾ کاڌو يا ڪابه شيءِ کائڻ. وعدو ٽوڙڻ. عادت پچڻ.

روزو چوڙڻ، روزو کولڻ؛ سج لٿي کان پوءِ مقرر وقت تي ڪا شيءِ کائي روزو ختم ڪرڻ.

روزو رکڻ؛ دين اسلام جي مذهبي فرض موجب پرڀات کان اڳ مقرر وقت تي کائڻ. مقرر وقت ۾ کائڻ پيئڻ ختم ڪرڻ ۽ سڄو ڏينهن وينڌي سج لٿي تائين نه ڪا شيءِ کائڻ نه پيئڻ.

روزيدارُ؛ ص. روزا رکندڙ. جيڪو روزي سان هجي.

روزِي؛ ث (ف) رزق- ڇُوٽو. روزگار- پورهيو.

روزِي رَسان؛ ص. رزق ڏيندڙ- ڇُوٽو ڏيندڙ. پروردگار.

روزِينو؛ ذ (ف) روز جي اُجرت– ڏهاڙي.
رُوسِياهُ؛ ص. مُنهن ڪارو. گنهگار. بدچال.
رُوسِياهِي؛ ث. ڪار مُنهائي. ذلت– رُسوائي. بدنامي.
رَوِش؛ ث (ف) چال– هلت. ڍنگ. نمونو. عادت. رسم. شڪل شبيهہ– اوصاف.
روشَنُ؛ ص (ف) چمڪندڙ– مُنور. ٻهڪندڙ. ٻرندڙ. چِٽو. صاف. ظاهر.
روشن ڪرڻ؛ چمڪائڻ. ٻارڻ. ظاهر ڪرڻ.
روشنِ دِماغ؛ ص. عقلمند– سياڻو– ڏاهو.
روشناس؛ ص (ف) واقف– ڄاڻ سڃاڻ.
روشناسِي؛ ث. واقف ڪاري. ڄاڻ سڃاڻ.
روشنائِي؛ ث. سوجهرو. چمڪو. جوت.
روشندانُ؛ ذ (ف) جاءِ جي دري يا ڄارو جنهن مان روشني اندر اچي، يا دونهون ٻاهر نڪري.
روشن ضميرُ؛ ص (ف) عقلمند. دل جي ڳالهہ سمجهندڙ. ڪشف جو صاحب.
روشِني؛ ث (ف) نور– جوت. سوجهرو. چمڪو. رونق.
روغَنُ؛ ذ (ف) تيل. سٿپ. رنگ.
روغني؛ ص. تيل وارو. سٿپو.
روڪَ؛ ث. منع– جهل. آڏ– اٽڪاءُ. رنڊڪ. بند. ٽيڪ. روڪڙ– نقدي.
روڪَ ٽوڪَ؛ ث. جهل پل– منع– بندش.
روڪُ؛ ص. روڪڙو– نقد. موجود (پئسو).
رُوڪاوَٽ؛ ث. رنڊ– اٽڪاءُ.
روڪَڙِ؛ ث. نقدي. حاضر پئسا.
روڪڙو؛ ص. نقد– حاضر رقم. (ظ) هڪيو تڪيو– بروقت.
روڪَڻُ؛ م. جهلڻ– منع ڪرڻ. آڏ ڏيڻ. ترسائڻ. ٻيهارڻ. بند ڪرڻ. بچائڻ. سنڀالڻ.
روڪي ڇڏڻ؛ منع ڪرڻ– جهلڻ. بند ڪرڻ.
روگردان؛ ص (ف) مُنهن مٽيندڙ. ڦرندڙ. منحرف– انڪاري.
روگرداني؛ . انحراف. انڪار. بغاوت. نافرماني.
روگُ؛ ذ (سن. روگ) بيماري– مرض. آزار. وبال– جنجال. رت پُوڻ، ڦٽ مان وهندڙ گند.
روگِي؛ ص. بيمار– مريض. گدلو– ڪنو. سست.
رولُ؛ ص. اجايو رُلندڙ. رولاڪ. هڪ هنڌ سڪ ڪري نہ وهندڙ. اجايا ڌڪا کائيندڙ– آواره– رولُو.
رُولُ؛ ذ (انگ) قاعدو– ظابطو. حڪم موجب دستور. ليڪن ڪڍڻ لاءِ ڪهڙيل گول ڪاٺي.
رولُ پِيہ؛ ث. پينسل.
رولِڙو؛ ذ. گهومَ– چَڪر– ڦيرو. دربدري. ڄاڪوڙ– ڪشالو.
رولڙي ۾ پوڻ؛ تڪليف ۾ پوڻ. اجاين پنڌن ۾ پوڻ. مصيبت ۾ پوڻ. ڌڪا کائڻ. دربدر ٿيڻ.
رولَڻُ؛ م. رلائڻ– دربدر ڪرڻ. ڦِٽائڻ يا ڇڏڻ (اڌ ۾). ڦِٽارو وجهڻ. رنڊڪ وجهڻ.
رولو؛ ذ. هل– شور. جهڳڙو. ڌانڌل. گڙٻڙ. بي انتظامي. غلطي– ڀُل چُڪَ.
رولو؛ ص. رولُ– رولاڪُ. بيگانو. ڌاريو– اوپرو. اڻ سونهون.
رُومالُ؛ ذ (ف) مُنهن اگهڻ لاءِ ڪپڙي جو چوڪور ٽڪرو.
رُومالِي؛ ث. برقعي جو ڄاريدار سنهو ڪپڙو جيڪو مُنهن کي ڍڪي.
رُومَڙِ؛ ث. ڪاهہ– ڄُلهہ. اوچتو حملو. تکي ڊوڙ. اُلرَ
رُومِي؛ ص. روم جو رهاڪو– تُرڪُ. (ذ) ترڪيءَ

جي هڪ مشهور شاعر ۽ بزرگ مولانا جلالالدين جو لقب.

رونبو؛ ذ. پوک جي سلن کي هڪ هنڌان ڪڍي ٻئي هنڌ هڻڻ. پيچي جي وِهرَ ڪرڻ- وهراج- روت.

رُونٽو؛ ص. نونٽ تائين هڪڙي ٻانهن کان معذور. ٺُونٽو.

رُونچهو؛ ص. چُنجهو- جهَرو. پنبڙن ڪُٺل. جهڪو ڏسندڙ.

رُون رُون؛ ث. روئڻ جو آواز. سارنگي يا گز سان وڄائڻ واري ڪنهن ساز جو آواز.

رَونِشو؛ ذ. تماشو. بازي يا کيل جو نظارو. کِل خوشي واري وندر.

رَونَق؛ ث (ع) چمڪو. سينگار. ٺاهه جوڙ. تازگي- شادابي. آبادي. سهڻائي.

رونق افروز، رونق افزا؛ ص. رونق وڌائيندڙ.

رونق افروز ٿيڻ؛ اچڻ- تشريف آوري ڪرڻ.

رونقدار؛ ص. چمڪندڙ- ٻهڪندڙ. شاداب. سهڻو.

رُونگ؛ ث. وڻن کان وڌيڪ گهُر- رُڳَ. سَوائي.

رُونگاٽ؛ ذ. "رُون رُون" جو آواز. رِينگٽ. نار هُرلي وغيره وهڻ جو آواز.

رُونگٽا؛ ذ. بدن جا سنهان وار- لُونئان.

رونگٽا ڪَڙا ٿيڻ؛ ڊپ ۽ هراس ۾ بدن جا وار اُڀا ٿيڻ- وارَ ڪانڊارجڻ.

رُونما؛ ص (ف) مُنهن ڏيکاريندڙ. ظاهر- پڌرو.

رُونمائي؛ ث. ظهور. پڌرائي. نمائش.

روڻ؛ ث. ڪنهن وهڪري جي ڪناري ۾ سوراخ جنهن مان پاڻي سوراخ ڪري ٻاهر وهي. جابلو يا واريا سي زمين مان سيمو ڪري وهندڙ پاڻي.

روهه؛ ذ. جبل- ڪوهه- پهاڙ- ڏونگر.

روهه رِلا؛ ذ. جبل ۾ رولڻ. ڪشالا- تڪليفون.

روهه ۾ رُلڻ؛ مصيبت ۾ پوڻ. تڪليفن ۾ پوڻ. ڏاڍا ڏسڻ.

روهِي؛ ث. جبل جو ڪارو پٿر (جيڪو تمام سخت ٿئي، ان مان ڪرل ۽ اُکرا ٺهن). اوزارن کي سراڻ چاڙهڻ جو پٿر (عموما ڪارو ۽ سخت ٿئي). اُترئين ٿر ۾ زمين جو اهو ورق ۽ اهي ايراضي جنهن ۾ هيٺ کُوهَن سان پاڻي نه ملي.

روهيڙو؛ ذ. ٿر ۽ ڪوهستان واري ايراضي جو هڪ وڻ.

رُوو، رُو؛ ث (ف) شڪل- صورت- چهرو- مُنهن.

رُوو زمين؛ ث. زمين جو مٿاڇرو. سڄي زمين- سڄي دنيا.

رُوو سُخن؛ ذ. ڪنهن ماڻهو ڏانهن اشارو. خطاب.

رُوو سُوو؛ ظ (ف) پاڻ مرادو- خود خيال.

روئڻ، رُئڻ؛ م. روڄ ڪرڻ. لڙڪ وهائڻ- ڳوڙها ڳاڙڻ. شڪايت ڪرڻ. غم ڪرڻ. افسوس ڪرڻ. ڏک ڪرڻ. پڇتائڻ. گهوڙا گهوڙا ڪرڻ. ماتم ڪرڻ.

روئڻ پٽڻ؛ روڄ راڙو ڪرڻ. واويلا مچائڻ. روڄ راڙو ڪرڻ.

روئندو وتڻ؛ دانهون ڪندو رهڻ. گهوڙا گهوڙا ڪرڻ. افسوس ڪندو رهڻ.

روئي ڏيڻ؛ بي اختيار روئڻ. عاجز ٿيڻ. هار مڃڻ.

رُوئڻو؛ ذ. افسوس- ڏک. شڪايت. گهوڙا گهوڙا. (ص) روئندڙ. گهڻي ڪندڙ. دڄڻو.

رُوئڻو روئڻ؛ افسوس جو اظهار ڪرڻ. مصيبت جو ذڪر ڪرڻ. شڪايت ڪرڻ.

رُوئيدگي؛ ث (ف) اوپڙ (ٻوٽن جو)- نسرڻ- ڄمڻ.

رُويا؛ ذ (ع) خواب- سپنو- سُهڻو.

روياءِ صادق، ذ. سچو خواب.
رُويَتِ، ث (ع) ڏيکائي- نظر اچڻ.
رُويَت هلال، ذ. پهرين تاريخ جو چنڊ ڏسڻ.
رَوِيو، رَوِيہ، ذ (ف) رسم- رواج. هلت- روش.
رَهَ، ث (ف. "راه" جو مخفف) رستو- دگ- واٽ.
رِها، ظ (ف) آزاد- آجو. ڇُٽل (قيد کان).
رَهاڪُو، ص. رهواسي- باشندو- وسَل- رهندڙ.
رِهاڻِ، ث. ڪچهري- مجلس. ڳالهه ٻولهه. ونڊر واري گفتگو.
رهائش، رَهايَشِ، ث (ف) قيام- سڪونت. رهڻ جي جاءِ.
رَهائِڻ، م. ترسائڻ- ٽِڪائڻ. ملتوي ڪرڻ. نِباهڻ (ياري. دوستي).
رِهائِڻُ، م. سُونهائڻ- جڳائڻ. واجب هئڻ. مباح هجڻ- جائز ٿيڻ.
رِهائِي، ث (ف) آزادي- ڇوٽڪارو. نجات.
رُهبانِيَت، ث (ف) ترڪ دنيا- ويراڳ. پرهيزگاري. رياضت.
رَهبَرُ، ص (ف) راه ڏيکاريندڙ. رستي سان وٺي هلندڙ. واٽ ڏيکاريندڙ- گس لائيندڙ. اڳواڻ- سونهون. مددگار. مرشد- هاري.
رَهبرِي، ث. اڳواڻي. رهنمائي. مدد- واهر. سُونهپَ.
رَهپَٽُ، ذ. پٽڙي گسُ- راهُو.
رَهتَ، ث. باقي- پاڇي. اوڌر. بقايا. بچت.
رَهٽَڻُ، م. رهڙڻ- ڪنهڻ. گهوٽڻ.
رَهرُوُ، (ص) واٽهڙو- مسافر- پانڌي.
رَهزن، ص (ف) واٽ تي ڦُر ڪندڙ. واٽهڙن کي ڦُريندڙ.
رَهزَنِي، ث. واٽ ويندڙ سان ڦُرَ- لُٽ مار.

رَهڙَ، ث. جسم تي گهڪي سان ٿيل نشان. رُهنڊَ. چِڙِپ- ڏڙڪو.
رَهڙَ ڪڍڻُ، چِڙِبڻ- چينبڻ. چنڊ ڪڍڻ. ڏڙڪو ٿيڻ.
رَهڙو، ذ. زمين ۾ گهلجڻ جو نشان. رُهنڊَ. ڦڏو- تڪرار.
رَهگُذر، ث (ف) واٽ- گسُ- سڙڪ- رستو.
رَهڙَڻُ، رَهڙِڻُ، م. ڪنهن سخت شيءِ سان جسم کي ڪرڙڻ. رُهنڊا پائڻ. رهٽڻ. رانيوٽا پائڻ. لينگها ڪڍڻ. زور سان روڙڻ.
رَهلو، ذ. گڏجي هلڻ واري رفاقت ۽ رونشو. گڏ هلندڙ سنگت جو ٽولو. ٽولي سان گڏ ڪچهري.
رَهَن، ذ (ع) گِروي- گِهو.
رِهندو، ص. قانون يا شرع مطابق- جائز- روا.
رُهنڊَ، ث. رِهڙ. رانيُوٽو.
رُهنڊَڻُ، م. رهڙون پائڻ. رانيوٽا پائڻ.
رُهنڊو، ذ. رهڙ- رانيوٽو. گهڪي جو نشان.
رَهَڻُ، م. ترسڻ- ٽِڪڻ. بچڻ. قائم ٿيڻ. رهجي وڃڻ.
رهجي وڃڻ، بچي وڃڻ- باقي بچڻ. ترسي پوڻ.
رَهڻ سَهڻ، ذ. بودوباش- اُٿي ويهي- نشست برخواست.
رَهڻِي، ث. رهڻ جو نمونو. هلت- ڍنگ.
رَهڻِ ڪَهڻِي، ث. هلت چلت- اُٿي ويهي. ريت رسم.
رَهو، ذ. ٻوڙَ جي لاس- رَسُ- شورو.
رَهو ڪڍڻ، سخت پورهيو وٺڻ- آزارڻ. ٿڪائڻ.
رَهوار، ذ (ف) گهوڙو.
رَهواسي، ص. رهاڪو- وسَل- رهندڙ- مَڪِين.
رِهي، ث. سياري جو سخت سيءُ (جنهن ۾ هوا سان

ڳڻ ٿارَ ٿيڻ). سياري جي منڊ ۾ برسات سان ڳڻ هوا ۾ ٿار.

رَهيلُ ڪهيل، ص. بچيل سچيل- باقي- پاڇي. رهجي ويل.

رَهِين، ذ (ع) گروي ۾ رکيل شيءِ. تابع- ماتحت.

رَهِينِ مِنت، ص. زير احسان- ٿورائتو- ممنون.

رَو، ظ. سچو- اصلي. واجب. حقي.

رَء، ذ. وَهڪَ (پاڻيءَ جي). قطار. خيال- ويچار. پُورُ. شوق- ڪڏ. موج- ترنگ. واري يا ريتيءَ جو دالو. ڪکرو.

رِء، ظ. ري- سواءِ- بغير.

رُئاٽُ، ذ. روڄ- روئڻ.

رُئارڻُ، رُئاڙڻُ، م. روئارڻ.

رَئجڻُ، م. لٽ چڙهڻ- لٽجڻ. ريٽجڻ.

رَئڻُ، م. روئڻ. روڄ ڪرڻ. افسوس ڪرڻ.

رَئڻُ پِٽڻُ، روڄ راڙو ڪرڻ. دانهون ڪرڻ. دانهن- فرياد ڪرڻ. پٽ پاراتو ڪرڻ.

رُئڻو، ص. ٿوريءَ ڳالهه تي روڄ ڪندڙ. ڀڄڻو.

رُئنهارڪو، ص. غمگين- ڏکويل- آبديده.

رَئو، ذ (ع. ردا) عورتن جي مٿي ڍڪڻ جو ڪپڙو- پوتي- ڳندي.

رَئُوف، ذ (ع) نهايت شفقت ڪندڙ. الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

رَئي، ث. دَز- لَٽ. ڌوڙ- مِٽي. غبارُ. آسمان ۾ چڙهيل مٽي. چانور جو پڳل ذرو. تِکي ڌوڙ (جنهن ۾ مِٽي اَٽامي).

رَئي ڪرڻ، ڌوڙ ڪرڻ. چَٽ ڪرڻ- برباد ڪرڻ.

رَئِيسُ، ذ (ع) سردار- سالار- اڳواڻ. مالڪ- حاڪم. نواب- امير.

رَئِيس عضوا، ذ. بدن جا مکيه عضوا (دل، جگر، ڦڦڙ وغيره).

ري، رِء، رِيِ، صرف جر. ڀِنا- سواءِ- ڌاران. بي- بِلا (عموما لفظ جي اڳيان ڪم اچي. جئن ري ڇيو، ري ملهه، ري گناه وغيره).

رِيا، رِياءُ، ذ (ع) ظاهرداري- ڏيکاءُ. ڀِياٽِي- منافقت. طرفداري- پاسخاطري.

ريا ڪرڻ، ٻيڇا پاسخاطري ڪرڻ. طرفداري ڪرڻ. منافقت ڪرڻ.

رياحُ، ذ (ع. 'ريح' جو جمع) بادي جو اخراج.

رياسَتَ، ث (ع) راڄ- حڪومت. حڪومت وارو علائقو. آزاد ملڪ. جاگير.

رِياضُ، ذ (ع. "روضہ" جو جمع) باغات. مشق- اٽلائي. جفاڪشي- ڪشالو.

رياضَتَ، ث (ع) محنت. پورهيو. ڪشالو. مشق- ورزش. خصلت- هير- عادت. عبادت- بندگي.

رِياضِي، ث (ع) انگن ۽ عددن جو علم. حسابن جو علم.

رياضيدانُ، ص. حسابن جي علم جو ماهر.

رِياڪارُ، ص (ع) منافق. ٺڳ. دغاباز.

رِياڪارِي، ث. ٺڳي- مڪاري. دنيا سازي.

ريبُ، ذ (ع) ٺڳي- مڪر- فريب- دغا. شڪ. گمان.

ريبَڻُ، م. ڌتارڻ- لالچائڻ. برغلائڻ. هرڪائڻ. نگارڻ. موهڻ.

ريبارو، ذ. قاصد. پيغام رسائيندڙ.

ريبارِي، ذ. هڪ قوم ۽ ذات جو نالو.

ريپڙُ، ذ. گدري جو هڪ قسم (بيضوي نموني گدرو).

ريڙي: ث. ننڍو ريڙ.

رِيتِ: ث. رسم- رواج. هلت. هلي چلي. قاعدو. ترڪيب- اٽڪل. هير- عادت.

ريت رسم: ث. هلي چلي- رسم رواج.

ريتي: ث. جابلو علائقي جي مٽي (جيڪا پهڻن جي پورِ ٿئي). لوهه کي گسائڻ جو اوزار- رواتي.

ريٽُ: ذ. وهندڙ پاڻي جي تري ۾ گڏ ٿيل وارياسي مِٽي. دريا جي ڇڏيل رڻ واري زمين. (انگ) اگهه- قيمت- مُلهه.

ريٽڻُ: م. رد ڪرڻ. نظرانداز ڪرڻ. ليکي ۾ نه آڻڻ. قبول نه ڪرڻ.

ريٽو: ذ. ڳاڙهو ڳُلواڻ جو ڪپڙو. ڳاڙهو ڪپڙو. (ص) ڳاڙهو- رَتو. سهڻو رتل.

ريڄُ: ذ. آبادي کان اڳ زمين کي ڏنل پاڻي. پوک کي پاڻيءَ جي پيچَ.

ريڄ ڪرڻ: پوک کان اڳ زمين کي پاڻي ڏيڻ.

ريجو: ذ (ف. ريزه) ڪليل رقم- ڇڙيا پئسا- ريزگاري.

ريجيمينٽ: ث (انگ) فوج جو دستو. پلٽڻ.

رِيجهَ: ث. پسندي. مرضي. فرحت. راضپو. خوشي. وندر.

رِيجهه رِهاڻ: ث. وند وروندهه- ڪچهري.

رِيجهائِڻُ: م. راضي ڪرڻ- مائل ڪرڻ. وندرائڻ. خوش ڪرڻ. لالچائڻ. پرچائڻ. پريائڻ.

رِيجهڻُ: م. راضي ٿيڻ- خوش ٿيڻ. دل ٿيڻ. پسند اچڻ- وڻڻ. مائل ٿيڻ- موهت ٿيڻ. پرچڻ. پريڻ. وندرڻ.

رِيَچڪُ: ذ. دل جي ڇڪَ- اُمنگ. اوچتو خيال- پُور. جُوجهڪي. سوداءُ- خفقان.

رِيحَ: ث (ع) هوا. بادي. ٽِٽ.

رَيحانُ: ذ (ع) هڪ خوشبوءِ دار ٻُوٽو- نازبوءِ.

ريخته. ريختي: ص (ف) ڪريل. هاريل. ڇڙوڇڙ- پکڙيل (ث) آڳاٽي اردو ٻوليءَ ۾ چيل نظم.

ريڏائِي: ث. رُسامو. ڏنگائي. تڪرار- جهيڙو.

ريڏو: ذ. ڏنگُ- تڪرار- ضد. ڪوٽ- ڪُپت.

رِيڊرُ: ذ (انگ) ابتدائي درسي ڪتاب.

ريڊيو: ذ (انگ) آواز جهٽڻ جو هڪ عام مشهور اوزار.

ريڏارُ: ص. ريڏون چاريندڙ- ريڏون ڌاريندڙ.

ريڏو: ص. ريڏن جو (گوشت، پاڻ وغيره).

رِيڙَ: ث. ڪپڙي جي پَٽي يا ٽُڪري- لِيڙَ. اگڙي- تگڙي.

رِيڙَ پيڙَ: ث. ٻار جي دانهن ڪُوڪ. ڪيٽو. ڌانڌل. تڪرار. حجت بازي. گهيي.

رِيڙَ پيڙ ڪرڻ: ڇڪ تاڻ ڪرڻ- تڪرار ڪرڻ- گهِل گينداڙ ڪرڻ. ڪنجهڻ ڪُرڪڻ.

ريڙهَ: ث. چورڻ يا سيرڻ جو عمل- ڌڪو- ئيلهو.

ريڙهڻُ: م. چورڻ- سيرڻ. اڳتي ڌِڪڻ. کسڪائڻ.

ريڙهو: ذ. گِسڪو. ٺيلهو. ٻارڙي کي پنڌ سيکارڻ جو گاڏو. سامان ڍوئڻ لاءِ هڪ قسم جي گهوڙي گاڏي.

ريڙهي: ث. گِسڪو. ٻانبڙو (ٻار جو).

ريڙهيون پائڻ: ٻانبڙا پائي هلڻ (ننڍڙن ٻارڙن وانگر). گِسريون ڏيئي هلڻ.

ريز: ص (ف) وهائيندڙ- ڳاڙيندڙ. پکيڙيندڙ (صفاتي پڇاڙي طور ڪم ايندڙ لفظ جيئن گلريز، آشڪ ريز وغيره).

ريزش: ث (ف) زڪام- نزلو- ڳارو. نَڪ وهڻ.

ريزالو: ص (ع. رذيل) ڪميڻو. هلڪي طبيعت وارو- ترڙو.

ريزڪي: ث (ف. ريزگي) ڪليل رقم. ڇڙيو واپار.

ريزگاري، ث. ريجو- متيل رقم- ڪليل پئسا.

ريزو، ذ (ف) ريجو- متيل رقم. ٽورو ذرو- ٽورو ٽڪر. پرزو.

ريزه، ذ (ف) ٽڪرو. ذرو. پور. ٽورو ذرو.

ريزوليشن، ذ (انگ) ٺهراءُ- قرارداد- تجويز.

ريسٽ، ث (انگ) آرام. ساهي.

ريسٽ هائوس، ذ. آرام گاه. آفيسرن جي رهڻ لاءِ جاءِ.

ريس، ث. برابري- مقابلو. رشڪ- هوس. حسد.

ريس ڪرڻ، حسد ڪرڻ- ساڙ ڪائڻ. همسري ڪرڻ. برابري ڪرڻ.

ريسارو، ص. ريس ڪندڙ. حسد ڪندڙ.

ريش، ث (ف) ڏاڙهي. ڏاڙهيءَ جا وار.

ريشم، ذ (ف) پَٽ- حرير. پَشم.

ريشمي، ص. پَٽ جو- پٽ مان ٺهيل (ڪپڙو).

ريشو، ذ (ف) سُٽ جي تند. چارو. وڻ جو تاندورو. زخم مان وهندڙ رت پُونءِ.

ريشه دَوانِي، ث. مستي- شرارت. فساد وجهڻ جون اٽڪلون.

ريشه خطمي، ص. گهڻو ڪلندڙ. خوش. ريجهي ويل.

ريڪ، ث (ف. ريخ) دست- اسهال.

ريکا، ث (سن) ليڪ- خط- ڏاري.

ريگ، ث (ف) واري- ريتي.

ريگزار، ص (ف) رڻ پٽ- صحرا.

ريگستان، ذ (ف) رڻ پٽ- صحرا. واريءَ وارو علائقو- ٿر.

ريگمال، ذ (ف) ڪاٺ کي صاف ۽ لسي ڪرڻ لاءِ ريتي يا شيشي لڳل ڪاغذ.

ريگماهي، ث (ف) ڳوهه- پَٽ مڇي.

ريڳاڙ، ذ. ڦٽ يا زخم مان وهندڙ رت پُونءِ.

ريڳاڙو، ذ. ڦڙو ڦڙو ٿي وهڻ. ڳاڙو.

ريڳاڙي، ث. وهندڙ رس. وات مان وهندڙ ڳگ.

ريڳڙيارو، ص. واريءَ سان پيوت. چنل گوڏڙين وارو فقير.

ريل، ث. گهڻائي- جهاجهه. هيٺاهين ۽ آباد زمين- وادي. ويءَ- چراگاه. سيلابي زمين. پوڏ- اُٿل. برهرو.

ريل چيل، ص. گهڻو- زياده. عام جام.

رَيل، رِيل، ث (انگ) سُٽ ويڙهڻ لاءِ ڪاٺيءَ جو گول ٽيٽو- ڦِرڪي. خالي نڙي (سُٽ ويڙهڻ لاءِ).

ريل گاڏي، ث. اڳ گاڏي.

ريلڻ، م. اٿلڻ (پاڻي). اٿل ڪري ٻوڙڻ (زمين). ڏڪڻ- ٽيلهڻ.

ريلو، ذ. وَهڪ- وهڪرو. پيشاب- ناڙا چوڙ.

ريلي پُوڻ، ص. زمين تان ريلو ڪري وهندڙ (مينهن جو پاڻي).

ريلوائي، ث (انگ) ريلوي لائين. ريل گاڏي.

ريم، ذ (انگ) ڪاغذن جي ويهن دستن جو بنڊل.

ريميا، ث (ف) اهو خيالي علم جنهن جي زور سان انسان ڪنهن به هنڌ هليو وڃي.

رَين، ث. رات- شب- ليل. (انگ) گهوڙي جي واڳ.

رين رين، ث. بار جي روئڻ يا ڪنهن ساز جو آواز.

رينگ، ث. رين رين. رينگ. ڪرڪڻ يا ڪنجهڻ جو آواز.

رينگٽ، ذ. نار يا هرلي جي وهڻ جو چيڪاٽ. ڪُرڪُر- گهُر گهُر.

رينگو، ذ. روچ- سنهي آواز سان رئڻ. ڪُر ڪُر- گهپي- ڪيتو.

ريڻ، ريڻي، ث. درياه مان ڦاٽي نڪتل وهڪرو- ڦاٽ. مينهن جي پاڻيءَ جو وهڪرو. ميرپور ماٿيلي وٽان

درياءَ جي ماضيءَ جو وهڪرو.

ريوڙي: ث. (ڪنڊ ۾ تِرڻ مان ٺهيل مٺائي).

ريوڙيون ورهائجڻ: سمت جو مال ملڻ. بنا پورهئي جي ملڻ.

رِيُو: ث. چانورن جا ذرا. پڳل چانور- انڙ.

ريهه: ث. مُڇن يا ڏاڙهي جي اڇن وارا اوائلي وار (جيڪي تمام نرم ۽ ساوڪ تي ڏيکائي ڏين).

ريهَ: ث. رڙ- دانهن. واڪو.

ريهون ڪرڻ: دانهون ڪرڻ- رڙيون ڪرڻ. فرياد ڪرڻ. هُل ڪرڻ.

ريهاٽُ: ذ. وڏي رڙ- دانهن. رَنبي.

ريههُ: ذ. ڌاتو (ڳهه، ٿانءَ وغيره) کي مصالحي جو ڳنڍڻ- ٽاڪو.

ريهڻُ: م. ريهه ڏيڻ (ڳهه، ڌاتو وغيره کي)- ٽاڪو ڏيڻ. ڳنڍڻ- جوڙڻ. ريجهائڻ- هرڪائڻ. ڌُتارڻ.

ريهڻ ريبڻ: پرچائڻ سرچائڻ. لالچائڻ- ڌتارڻ.

ڙ

ڙ: ث. اُچار "ڙي". سنڌي "الف- بي" جو چوٽيهون اکر. "ڙي" جو مخفف (جيڪو مخاطب تي ۾ ڪم اچي). هن اکر جي شروعات سان ڪوبه لفظ ٻوليءَ ۾ ڪونهي.

ز

ز: ث. اُچار "زي". سنڌي "الف- بي" جو ستاويهون اکر. فارسي جو تيرهون اکر ۽ عربي الف- بي جو ٻارهون اکر. ابجد موجب عدد (٧).

زابرُ: ص (ع. جابر) زبردست. ڏاڍو. جابر.

زاد: ص (ف) صفاتي پڇاڙي جيڪا ڄڻيل جي معنيٰ ڏيکاري. جيئن "آدمزاد، پريزاد، وغيره".

زادِ بُوم: ذ. ڄمڻ جو هنڌ- جنم ڀومي.

زادُ ذ (ع) راهه جو ثمر- توشو. (ص) ڄڻيل- اولاد.

زادِ راه: ذ. سفر جو سمر.

زادو: ص (ف. زاده) ڄڻيل. اولاد. (ث. زادي)

زار: ص (ف) روئندڙ. مصيبت جو ماريل. ايرو- ضعيف. (ذ) گهڻائي. اها جاءِ جتي ڪنهن شيءِ جي گهڻائي هجي. جيئن "گلزار، لاله زار وغيره".

زاروزار، زاروقطار: ظ. تمام گهڻو. تمام گهڻو روئڻ. روڄ- زاري.

زاري: ث (ف) روڄ- پِٽڪو. منٿ. آزي نيازي.

زاغُ ذ (ف) ڪانءُ.

زالَ: ث (ف) عورت. گهرواري- جوءِ. رستم پهلوان جي ڀيءِ جو نالو.

زانُو: ذ (ف) رانَ- سٿر- جوٽ. گوڏو.

زاني: ص (ع) زنا ڪندڙ. بدڪار.

زاوِيهَ، زاويه: ذ (ع) ڪُنڊ.

زاهِدُ: ص (ع) دنيا کان الگ رهندڙ- تارک. عابد.

زائِچو: ذ (ف. زائـچہ) جنـم پستـري. رَمـل جون شکليون.

زائِدُ: ص (ع) زياده- وڌيک. بچيل. وڌيل. اجايو- فالتو.

زائِرُ: ص (ع) زيارتي. زيارت لاءِ ويندڙ. جاتري.

زائِفاه: ث (ع. ضعيفہ) عورت. زال.

زائِلَ: ص (ع) پري ٿيندڙ. ختم. ضايع.

زائِيدَه: ص (ف) ڄڻيل- پيدا ٿيل.

زَبانَ، زُبانَ: ث (ف. زُبان) جِڀَ- لِسان. ٻولي- ڀاشا. وعدو- ٻُول.

زبان تي چڙهڻ: وري وري اُچارجڻ. ياد پـوڻ. وِرد ٿيڻ.

زَبان ڏيڻ: وعدو ڪرڻ- انجام ڪرڻ.

زَبان زَد ٿيڻ: عام ماڻهن ۾ مشهور ٿيڻ.

زَبان هلائڻ: چوڻ- ڪُڇڻ. ڳالهائڻ. حڪم ڪرڻ. گهڻو ڳالهائڻ. اجايو ڳالهائڻ.

زَبان بَندِي: ث (ف) خاموشي- چُپ- ماٺ.

زَبانداه: ص (ف) ٻوليءَ جو ڄاڻو. ٻولين جو ڄاڻو ماهر.

زَبانداني: ث (ف) ٻولي جي ڄاڻ. علم اللسان.

زَبان دَراز: ص (ف) گهڻو ڳالهائيندڙ. ٻڪواسي. گاريون ڏيندڙ. گستاخ.

زَبان دَرازِي: ث. اجايو ڳالهاءُ. بد زباني- گستاخي. گارگند.

زَباني: ث (ف) شاهدي- گواهي- بيان. (ص) چيل. ٻڌل. برزبان.

زَباني امتحاه: ذ. زباني پڇا وارو امتحان.

زَباني حساب: ذ. بنا لکڻ جي پڇڻ وارا حساب.

زَبانو: ذ (ف) چَمڙي جو ڪَشو يا پَٽو.

زَبَر: ظ (ف. 'ازبر' جو مخفف) مٿي- مٿان. ڀرو. ڏاڍو. (ث) گرامر موجب اکر جي مٿان، 'ٓ' آواز وارو اچار ڏيکاريندڙ نشاني. (ع. 'ضَرب' جي اُبت) ڏک- ڳهاءُ.

زَبَرُ: ص (ف) مٿاهون. اعليٰ ڀرو. ڏاڍو.

زَبَردَست: ص (ف) زور وارو- ڏاڍو. بـالا- اعـليٰ (اختيار وارو). سگهارو. طاقتور. ظالم. مٿاهون.

زَبَردَستِي: ث. ڏاڍُ- جَبَر. ظلم. ڏاڍائي.

زَبردستي ڪرڻ: زوري ڪرڻ. ڏاڍ مڙسي ڪرڻ. ظلم ڪرڻ.

زَبرو: ص (ع. جبـرو) ڏاڍو. زبـردست. سگـهارو. ڀرو.

زَبرجَد: ذ (ع. ف) هيري جو قسم- زمرد.

زَبُور: ذ (ع) حضرت دائود عليہ السلام تي نازل ٿيل الهامي ڪتاب.

زَبُون: ص (ف) تباه. چٽ. برباد. هيٺو.

زَبُوني: ث. پڇي پُري خراب ٿيڻ جي حالت. تباهي.

زَٽُ، زَٽَلُ: ذ. ڪُوڙ- ٻٽاڪ.

زَٽُ هڻڻ: ٻٽاڪون هڻڻ، ڪُوڙ هڻڻ.

زَٽلي: ث. ٻٽاڪي- ٻاڙي- لٻاڙي.

زَپُ: ذ. ڪِرڻ يا ڌَڪ جو آواز- ڌهڪو. (ظ) ڌُو- ڄَپُ.

زَپڙاٽُ، زَپڪو: ذ. ڌهڪو. دَٻڪو.

زِچُ: ص. عاجز- بيوس. ڪَڪُ.

زَچَہ: ث (ف) هٿ پير لاڌل عورت- ويايل عورت.

زَچہ خانہ: ذ. ويم گهر.

زَچگِي: ث. هٿ پير لهڻ- ويامڻ (عورت).

زُحلُ: ذ (ع) نظام شمسي جو هڪ گره- ڇنڇر.

زَحمت؛ ث (ع) مصيبت. تڪليف. محنت. پريشاني. مرض- بيماري.

زَخمُ؛ ذ (ف) گهاءُ. ڦٽ- وَڍُ. صدمو.

زَخمِ خورده؛ ص. زخمي- گهايل- مجروح.

زَخمجَڻُ؛ م. گهائجڻ. ڦٽجڻ. ڏڪوئجڻ.

زَخمي؛ ص (ف) گهايل- ڦٽيل- مجروح.

زَد؛ ث (ف) چوٽ- ڏَڪ- نشانو.

زَد ۾ اچڻ؛ نشاني ۾ اچڻ- مارُ ۾ اچڻ.

زَدگان؛ ص (ف. 'زده' جو جمع) صفاتي پڇاڙي طور ڪم ايندڙ. جيئن "مصيبت زدگان".

زَدگي؛ ث (ف) مارَ- چوٽَ. صفاتي پڇاڙي طور ڪم ايندڙ. جيئن "آفت زَدگي".

زَدَني؛ ص (ف) مارڻ جي لائق- قتل جي لائق. صفاتي پڇاڙي طور ڪم اچي. جيئن "گردن زدني".

زدوڪوب؛ ث (ف) مارَڪُٽَ.

زَدَه؛ ص (ف) ماريل- ڏڪيل. صفاتي پڇاڙي طور ڪم ايندڙ. جيئن "آفت زده، مصيبت زده، وغيره".

زَر؛ ث (ف) سونُ- طلا. دولت- ناڻو.

زَر لُٽائڻ؛ دولت اُڏائڻ. عيش ڪرڻ.

زراعَت؛ ث (ع) پوک- کيتي. هارپ.

زراعَت پيشه؛ ص. هارپو ڪندڙ- هاري.

زَر افشان؛ ص (ف) چمڪندڙ. سون وانگر جَرڪندڙ.

زَرباف، زَر بافت؛ ص (ف) زريءَ جو پرت ڪندڙ- زردوز.

زر بافي؛ ث (ف) سوني تار سان پرت يا اُڻاوت جو ڪم.

زَربفت؛ ذ (ف) سون ۽ ريشمي تندن سان اُڻيل ڪپڙو- تماچ. ڪيمخواب.

زَرتُشت، زَردَشت؛ ذ (ف) عقل ڪُل. نور الاهي. روح. قديم ايران جو هڪ مشهور سُڌارڪ (جيڪو پارسي مذهب جو باني هو).

زَرخَريد؛ ص (ف) ناڻي سان ورتل- مُلهه ورتل.

زَرخيز؛ ص (ف) دولت اُپائيندڙ. سرسبز- آباد.

زَرخيزي؛ ث. آبادي- سرسبزي. خوشحالي.

زَرد؛ ص (ف) سونهري. پيلو. هيڊو- ڦِڪو.

زَردارُ؛ (ف) دولتمند- تونگر- شاهوڪار. امير.

زَردالُو؛ ذ (ف) ميوي جو هڪ قسم.

زَردرُو؛ ص (ف) ڦِڪو. شرمسار- لڄي. ڊنل.

زَردو؛ ذ (ف. زَردَه) زعفران جي رنگ ۾ رڌل مِٺا چانور- چاشني. (ص) پيلو- هيڊو.

زَردوزُ؛ ص (ف) زَريءَ جو پرت ڪندڙ.

زَردوزي؛ ث. زريءَ جو پرت.

زَردي؛ (ف) پيلاڻ- ڦڪائي. بيضي جو اندريون پيلو مادو.

زَرع؛ ث (ع) پوک- کيتي.

زرعي؛ ص. پوک لائق. پوک ۾ ڪم ايندڙ (زمين، ٻج، وغيره).

زَرق بَرق؛ ذ (ع) شان شوڪت.

زرڪوبُ؛ ص (ف) سون چاندي جا ورق ٺاهيندڙ.

زَرگر؛ ص (ف) سونارو.

زَرگري؛ ث. سونارو ڪم.

زَرنگار؛ ص (ف) سونهري- طلائي (ڪم). منقش.

زَرنگاري؛ ث. سونو ڪم (پرت). سونو پاڻي (چاڙهڻ جو ڪم). ملمع سازي.

زُرو؛ ذ (ع. جَره) باز جو هڪ قسم.

زِرِهَ؛ ث (ف) فولاد جي زنجيرن يا ڇَلن مان ٺهيل ڪُڙتو (جيڪو لڙائي ۾ تلوار جي بچاءَ کان پائبو)- پاکر.

زِرِهَ پوش، ص. زره پاتل- پاکر پاتل.
زَري، ث (ف) سون مان نهيل تند (جيڪا پرت پرڻ ۾ ڪم اچي). ڪلابات- مُقيس.
زَرين، ص (ف) سونو- سون جو- سونهري. قيمتي.
زَعفران، ث (ع) هڪ قسم جو ٻوٽو ۽ ان جو گل (جيڪو خوشبودار ٿئي). زعفران جي گل جو ٻور- ڪيسر.
زعفراني، ص. زعفران جي رنگ (نارنگي) جو. ڪيسري.
زَعم. زُعم، ذ (ع) گمان- خيال. تڪبر- غرور.
زَقند، ث (ف) ڇال- ٽپ- ٻڏ.
زَڪَ، ث (ع) شڪست- هار. هلڪڙائي. شرمساري. نقصان. ذلت. بيعزتي.
زُڪام، ذ (ع) ڳچي ۽ نڪ جي هڪ بيماري (جنهن ۾ ريزش ٿئي).
زَڪواة، ث (ع) خيرات. صدقو. سال جي بچت مان خدا جي راهه ۾ ڪڍيل چاليهين پَتي.
زَلزلو، ذ (ع) زمين جو ڌوڏو- ڏُبَ. ٿرٿلو.
زُلفَ، ذ (ف) لوڏي وٽ لٽڪندڙ وارن جي چڳَ- جاڏ. وار- ڪاڪُلَ- گيسُو. ڳُنڌيل وار.
زُلف پريشان، ذ. کُليل وار.
زُلفي، ث. وارن جي چڳ. چوٽي.
زِمام، ث (ع) واڳ- لغام.
زمانُ، ذ (ع) زمانو- وقت- دور.
زَمان حالُ، ذ. هلندڙ وقت. گرامر ۾ هلندڙ وقت جي معنيٰ ڏيکاريندڙ فعل.
زَمانُ ماضي، ذ. گذريل وقت. گرامر موجب گذريل وقت جي معنيٰ ڏيکاريندڙ فعل.
زمان مستقبل، ذ. ايندڙ وقت. گرامر موجب ايندڙ وقت جي معنيٰ ڏيکاريندڙ فعل.
زمانو، ذ (ع. زمانه) وقت- دور- سمو. عرصو- مُدت. ميعاد. موسم- مُند. حڪومت- عهد. جڳ. مخلوق- عالم.
زماني جا رنگ، محاورو. وقت جون تبديليون. ڦيرگهير. انقلاب.
زمانو ڏِسڻ، دنيا ڏسڻ. تجربو پرائڻ. آزمودگار ٿيڻ.
زماني ساز، ص. خود غرض- مطلبي.
زماني سازي، ث. ظاهرداري- مڪاري. خوشامد.
زماني جو حال، محاورو. ماڻهن جي حالت. وقت جي حالت. هلي چلي.
زُمرُدُ، (ف) هڪ قسم جو قيمتي پٿر. ساوي رنگ جو هيرو.
زُمرَه، ذ (ع) گروه- ٽولو- جماعت.
زَمزَم، ذ (ع) مڪي منوره جو اهو قديم چشمو جيڪو حضرت اسماعيل عليہ السلام جي ڇڙين هڻڻ سان پيدا ٿيو هو (هن وقت اهو کوهه بنجي ويو آهي).
زَمينَ، ث (ف) ڌرتي- ارض- پرٿوي. پُونءِ. خشڪي. مٽي. مُلڪ. علائقو. ايراضي. تَرُ (ڪپڙي جو).
زمين آسمان هڪ ڪرڻ، ڌاڏي ڳولا ڪرڻ. نهايت ڪوشش ڪرڻ.
زمين اُٿلائڻ، انقلاب آڻڻ. هلچل مچائڻ.
زمين بوس، ص. ڪريل- ڊٺل.
زمين جاءِ ڏيڻ، زمين ڦاٽڻ- ڌرتيءَ ۾ سمائجڻ. شرمسار ٿيڻ.
زمين دوز، ص. زمين ۾ پوريل- زمين ۾ دبيل.
زميني، ص. زمين جو- ڌرتيءَ جو.
زَميندارُ، ص (ف) زمين جو مالڪ.
زَمينداري، ث. زمين جي پوک ۽ سنڀال.

زَن، ث (ف) عورت– زال. گهر واري– جوءِ. (ص) هڻندڙ– ماريندڙ. مثلا "راهزن وغيره".

زن مُريد، ص. زال جو مطيع– مڄو.

زِنا، ذ (ع) زال کان سواءِ ٻيءَ عورت سان بدڪاري.

زِنا بِالجَبر، ذ. زوري زنا.

زُنار، ذ (ع) اهو ڌاڳو جيڪو عيسائي، يهودي ۽ مجوسي چيلهه ۾ ٻڌن ۽ هندو ڳچي ۽ بغل ۾ وجهن– جڻيو.

زِناڪار، ص (ف) بدڪار.

زناڪارِي، ث. بدڪاري– زنا.

زَنانِ خانو، ذ (ف) گهر ۾ زالن وارو حصو– حرم.

زنانو، ص (ف) زالائو– زالن جو– عورتائو. زالن وانگر حرڪتون ڪندڙ–– کدڙو.

زنانِي، ص. زالن جي– عورتن جي.

زَنبُ، ذ. ٻِت جو وڏو گراه.

زِنبُ، ذ. سِرَ جو ٽُڪر. مِٽيءَ جو وڏو ڍِڱر.

زَنبُور، ذ (ع) آنبور– ڀَڪڙ.

زَنبِيلَ، ث (ع) ڄڀي. ڪشتو. ڪشڪول. جهولي (فقير جي)– ٻگري.

زَنجِيرَ، ث (ف) لوهي ڪڙين مان ٺهيل سنگهر– سلا سل– نيڙ. پيرن جي بيڙي (پير ڪڙي) دروازي جو ڪڙو. قطار– سلسلو. پيرن جي بيڙي.

زَنجِيرِي، ث. سنهي زنجير. هڪ قسم جو ڳهه (سون يا چاندي مان ٺهيل سنهي سنگهر، ڳچيءَ ۾ پائڻ لاءِ).

زَنجِيري، ث. سنهي زنجير. هڪ قسم جو ڳهه (سون يا چاندي مان ٺهيل سنهي سنگهر، ڳچيءَ ۾ پائڻ لاءِ).

زَندانُ، ذ (ف) جيل– قيدخانو– بنديخانو.

زور وٺڻ، طاقت وٺڻ. جوش ۾ اچڻ. ڏاڍو ٿيڻ.

زور آزمائي، ث (ف) طاقت جو مظاهرو. هلندي ڦِرندي جو مقابلو.

زور آوار، زوراور، ص (ف) ڏاڍو. پهلوان. زبردست. پنهنجي مڙسي وارو. ڏاڍو مڙس.

زورآورِي، زوراورِي، ث. ڏاڍائي. پهلواني. مڙسي. ڏاڍمڙسي.

زورا زوري، ث (ف) زبردستي– ڏاڍائي– زوري (ظ) زور سان– جبرا.

زوردارُ ص (ف) زور وارو– ڏاڍو. طاقتور– سگهارو.

زوراِئتو، ظ. زور سان– ڏاڍي طاقت سان.

زورُ شورُ، ذ (ف) جوش وخروش. حوصلو– همت. طاقت.

زورظُلم، ذ. ڏاڍائي– جبر. بي انصافي.

زورِي، ث (ف) زبردستي– ڏاڍائي. (ظ) ڏاڍ سان– جبر سان.

زَورَق، ث (ع) هڪ قسم جي ننڍي ٻيڙي. ملتاني ٻيڙي.

زُوزاٽُ، زُوڪاٽُ، ذ. چرخي، لاٽون يا زور سان هوا ۾ وڄڻ جو آواز.

زُوم، ذ. زور– تِکَ– طاقت.

زُون، ذ. زور سان هوا ۾ وڄڻ جو آواز.

زِهَ، ث (ف) ڪمان ۾ پيل تند (جيڪا آنڊي يا رودي مان ٺهي). ڪناري– وَٽِ (ڪپڙي کي).

زُهدُ، ذ (ع) پرهيزگاري– تقوي.

زَهَرُ، ذ (ف) وِههُ– وِکُ– سِمُ. (ص) ڪڙو– تلخ.

زَهرُ آلوده، ص. وِهه وارو– زهريلو.

زهر اوڳارڻ، ڪنهن جي خلاف ڳالهائڻ. بدنيڪي ڪرڻ. وير وجهي ڳالهائڻ.

زهر مار ڪرڻ، مجبوريءَ سان ڪا اڻ وڻندڙ چيز کائڻ.

زَهر مُهرو: ذ (ف) هڪ قسم جو پٿر (جيڪو زهر کي چُھي وٺي).
زَهر هارڻ: پنهنجي ڪاوڙ يا ڏمر ٻئي تي ڇنڊڻ.
زَهري، زَهريلو: ص. زهر وارو- وِهه وارو.
زُهَره: ذ (ع) هڪ گِرهہ جو نالو (جيڪو آسمان ۾ تمام گهڻو چمڪندو رهي).
زُهره جَبِين: ص. چمڪندڙ پيشاني وارو. سهڻو- خوبصورت- حَسِين.
زَهي: ندا (ف) شاباس- مرحبا.
زهي قسمت، زهي نصيب: ندا. خوش باش- خوش قسمتي.
زَهير: ص (ع) بيمار. هيڻو- اويرو. غمگين. اُداس.
زِيادَتِي: ث (ع) واڌارو. گهڻائي. اضافو. ڪثرت. ڏاڍائي- جبر.
زِيادَه: ص (ع) گهڻو. وڌيڪ. جهجهو. سَرسو. گهڻي قدر.
زِياده تَر: ظ. گهڻو ڪري. تمام گهڻو.
زِيارَت: ث (ع) ڪنهن مقدس جاءِ يا شيءِ کي ڏسڻ. مقدس جاءِ ڏانهن سفر. ديدار.
زِيارتَ گاهه: ذ. مقدس جاءِ. آستانو. درگاهه.
زِيارَتِي: ص. زيارت ڪندڙ. زيارت تي ويندڙ. جاتري.
زِندَگاني: ث (ف) حياتي- جياپو- زندگي.
زِندگي: ث (ف) حياتي- جياپو. عمر- ڄمار.
زندگي بسر ڪرڻ: حياتي گذارڻ. ڄمار پوري ڪرڻ.
زندگي بخش: ص. حياتي ڏيندڙ- جيارينڌڙ.
زندگي بخشڻ: حياتي ڏيڻ- جيارڻ.
زِندَه: ص (ف) جيئرو- حيات- چڱو ڀلو.
زنده ڪرڻ: جيئرو ڪرڻ. روشن ڪرڻ. مشهور ڪرڻ.
زنده آباد، زنده باد: دعائيہ جملو (ف) سدائين جيئرو هجي. هميشہ سلامت.
زنده جاويد: ص (ف) هميشہ لاءِ جيئرو- سدائين حيات.
زِندهَ دَرگور: ص (ف) جيئري قبر ۾. مُئن گڏ. عذاب ۾.
زنده دِل: ص (ف) خوشمزاج- کلمک.
زنده دِلي: ث. خوشمزاجي- خوشطبعي.
زِنديق: ص (ع) بي دين- مشرڪ- ملحد.
زَنگُ: ذ (ف) ڪَٽُ- ڪَٽُ (ڌاتوءَ جو). عداوت- ويرُ- ڇاوت.
زَنگُ آلود: ص. ڪٽ چڙهيل- ڪَٽيل- ڪَٽيل.
زَنگ لاهڻ: ڪَٽُ لاهڻ. ويرُ ڪڍڻ. دشمني ڇڏڻ.
زَنگارُ: ذ (ف) ٽامي جو ڪَٽُ (جيڪو وڪر طور ڪم اچي، مُرچو).
زنگجَڻُ: م. زنگ لڳڻ- ڪٽ لڳڻ- ڪسجڻ.
زَنگي: ذ (ف) 'زنگبار' (آفريڪا) جو باشندو- حبشي. (ص) ڪارو- سياه.
زنگي گل: ذ (ف) هڪ قسم جو ٻوٽو ۽ گُل.
زَوارُ: ذ (ع. زُوار. 'زائر' جو جمع) زيارتي. ڪربلا معليٰ جو زيارتي.
زَوالُ: ذ (ع) ڪِرڻ. هيناهين. رجعت. ڪمي- گهٽتائي. پُڄاڻي. لاٿ. ناڪامي. نياڳ. مصيبت. سج لڙڻ جو وقت.
زَوال پَذِير: ص. فنا ٿيندڙ. بدلجندڙ.
زَوجہ: ث (ع. زَوج) زال- جوءِ- گهرواري.
زوجہ مَنڪُوح: ث. نڪاح بڌي زال- حق نڪاح ۾ آيل عوت.

زوجيت: ث (ع) عقد- نڪاح. وهاڻ.
زود: ظ (ف) جلد- شتاب- سگهو. تيز- تکو. جهٽ پٽ- يڪدم.
زود پشيمان: ص. ترت پڇتائيندڙ.
زودرنج: ص. جلدي ڪاوڙ ۾ ايندڙ. چيڙاڪ.
زود رنجي: ث. ذري ذري تي ڪاوڙ. يڪدم ناراضگي.
زودفهم: ص. يڪدم سمجهي ويندڙ- هوشيار.
زودفهمي: ث. يڪدم سمجهڻ. ذهانت.
زودنويسي: ث. ٿورن اکرن ۾ ۽ جلدي لکڻ جو طريقو- شارٽ هينڊ.
زورُ: ذ (ف) سگهه- طاقت- قوت- ٻل. وَسُ- اختيار. ڏاڍ. سختي. دٻاءُ. ڪوشش. ٽيڪ- ڏيہ. بارُ. (ظ) گهڻو- ڏاڍو. نهايت- تمام.
زوريجڻ: طاقت ٽوڙڻ. اثر گهٽ ڪرڻ. تڪبر ڀڃڻ.
زور پوڻ: دٻاءُ پوڻ. اثر پوڻ. بارُ پوڻ.
زيانُ: ذ (ف) نقصان- ٽوٽو- خسارو- ڇيهو. هاڃو- ضرر.
زيان خور: ص. نقصان رسائيندڙ. حرڪتي.
زيان ڪار: ص. نقصان رسائيندڙ.
زياني: ص. نقصان ڪار.
زيبُ: ذ (ف) سونهن- سهڻائي. رونق. آرائش. سينگار- (ص) سينگاريندڙ.
زيبائتو: ص. زيب وارو. رونقدار. سهڻو.
زيب ڏيڻ: سهڻو لڳڻ. منهن تي پوڻ.
زيبائش: ث (ف) سينگار- ٺاهه ٺوهه- سجاوٽ- آرائش.
زيبائي: ث. سهڻائي- خوبصورتي- سونهن.
زيتونُ: ذ (ف) هڪ مشهور ميويدار وڻ ۽ ان جو ڦل- ڄامر.

زيپٽُ: ذ. ٺهڪو (موچڙي وغيره جو آواز).
زير: ظ (ف) هيٺ- تحت. (ص) گهٽ. تابع- ماتحت. (ث) اکر جي هيٺاهين آواز جي نشاني.
زيرآبي: ث. پاڻي هيٺ هلندڙ جهاز. ٽوٻو جهاز.
زير ڪرڻ: هيٺ ڪرڻ- مغلوب ڪرڻ. دسڻ.
زيرلب: ص (ف) چپن ۾- آهستي (ڳالهاءُ).
زيربار: ص (ف) بار هيٺ. احسان هيٺ. ٿورائتو. قرضي.
زيرباري: ث. احسانمندي. ٿورو. پريشاني.
زيربندُ: ذ (ف) گهوڙي جو هڪ سنج- لوند- تنگ.
زير تجويز: ظ (ف) ويچار هيٺ. رٿ ۾.
زير حراست: ص (ف) قيد ۾- گرفتار.
زيردست: ص (ف) هٿ هيٺ- ماتحت. حڪم ۾.
زيردستي: ث. ماتحتي. ملازمت.
زير زبر: ص (ف) هيٺ مٿي- الٽ پُلٽ- درهم برهم. تباه.
زيرسايه: ص (ف) پاڇي هيٺ- پناه ۾.
زير علاج: ص (ف) علاج هيٺ. دوا ڪرائيندڙ. بيمار.
زير نظر: ظ (ف) نظر ۾. نگراني ۾. سنڀال هيٺ.
زير نگين: ص (ف) تحت- هيٺ. حڪومت جي هٿ ۾.
زير ويچار: ص (ف) ويچار هيٺ. غور ۾ آيل- ڌيان ۾. خيال ۾.
زير ويچار هئڻ: خيال يا غور هيٺ هئڻ. ڪنهن جو فيصلو نہ ٿيل هئڻ.
زيرين: ظ (ف) هيٺيون.
زيرڪ: ص (ف) عقلمند- ڏاهو. سُڄاڻ- هوشيار.
زيرو: ذ (ف. زيره) هڪ قسم جو سُرهو ٻج (مصالحي طور ڪم اچي). جيرو.

زيرو بَمُ: ذ (ف) مذمر ۽ تکو آواز. نغارن جي جوڙي. هيٺ مٿاهين. تيزي ۽ ڍرائي.

زيست: ث (ف) زندگي- حياتي. عمر- ڄمار.

زيڪ: ث چاندي يا سون جي ورقن جو ٻورو.

زيلُ: ث (ف. زير) مذمر آواز. نغارن جي جوڙي مان مادي آواز وارو نغارو. ٺوڪارو (گهوڙي جو).

زيلُ بَمُ: ذ. زير بم. دُهل جا ٻئي پاسا.

زينُ: ث (ف) گهوڙي جي پٺيءَ تي وجهڻ جو هڪ سنج.

زينتُ: ث (ع. زَين= سينگارڻ) سينگار- ٺاهه ٺوهه. سُونهن. رونق.

زينو: ذ (ف. زينه) ڏاڪڻ- سيڙهي. ڏاڪو- پَوڙي.

زيوَرُ: ذ (ف) ڳهه- ڳهڻو.

زيورات: ذ ("زيور" جو جمع) ڳهڻا.

س

س: ث. اُچار 'سِينَ'. سنڌي الف- بي جو اناويهون اکر. فارسي جو پندرهون ۽ عربي جو ٻارهون اکر. ابجد موجب عدد (٦٠).

سُ: ص (سن) سٺو- چڱو. نيڪ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ صفاتي اڳياڙي (جيئن سُپاٽو سُٺڙ وغيره).

سابِق: ص (ع) هن کان اڳيون. اڳيون- پهريون. گذريل.

سابُو چانوَرُ: ذ. ڪچيءَ جي ڳپ مان ٺهيل دائا- سابو دائا.

سايان: ظ. ظاهر ظهور- کليو کلايو. پڌري پٽ.

ساتيرا: ذ. ٻه آسماني تارا. ڪتيون.

ساتُ: ث (ع. ساعت) ساعت. گهڙي پل.

ساٿُ: ذ. رفاقت- همراهي. شرڪت. ڀائيواري. سنگت. قافلو.

ساٿ ڏيڻُ: نباهڻ. رفاقت ڪرڻ. ڏکيي وقت ۾ مددگار ٿيڻ.

ساٿارِي: (ص) ساٿ وارو- همراهه. هم عمر- هم عصر. ساٿي.

ساٿِرِ: ث (ع. سعتر) هڪ قسم جو پسارڪو وکر. هڪ قسم جي دوا.

ساٿي: ص. ساٿ وارو- قافلي وارو. همراهه- ٻيلي. مددگار.

ساٿُ: ث. ڳهه. ماڪ جي آلاڻ.

ساٿِڄَڻُ: م. ماڪجڻ- ماڪ ۾ پُسڻ. ڳمڄڻ.

ساٿِريو: ص. ساٿو ڪندڙ. شڪار جي اصطلاح ۾ وڻن ٻوٽن کي سٿيندڙ (ته جيئن جانور سڪي ڪڙڪي تي نڪري ظاهر ٿين).

ساٿِريا گاڙِريا: ص. سٿيندڙ ۽ گز هڻندڙ. هڪ ٻئي جا سُر جهلائو. هڪ ٻئي جي ڪوڙ سچ جي تائيدڪندڙ.

ساٿو: ذ. عيوض- بدلو. وهنوار. چوپائي مال (ٻڪرين وغيره) جي چاري لاءِ ٻير وغيره جي ٽارين مان ڇاڻيل پَنَ. سارين. ڪٺڪ ۽ ٻئي ان وارين موڙين کي سٿڻ ۽ اَن اچو ڪرڻ جو عمل. ڪپهه يا اَنَ کي صاف ڪرڻ لاءِ ڇَهو يا ٻاٺو. پيرن ۾ پائڻ لاءِ هڪ چانديءَ جو ڳهه- پازيب.

ساٿو ڪرڻ: شڪار لاءِ جهنگ مان تتر اُٿارڻ. سارين

وغيره جي ان کي سٽي جدا ڪرڻ.
ساٿِي: ص. مڇي وڪڻڻ جو ڌنڌو ڪندڙ جيڪي عام طرح "صبح پوتا" چوائين. (ث. ساٿياڻي)
ساٽ: ذ. سَوَڻ- شگون. شادي جي رسمن ۾ وهم وسوسي لاهڻ جو عمل. بيماري ۾ اَڌِ مک جو سَوَڻ.
ساٽ ڪرڻ: شادي وغيره جي موقعي تي مقرر رسمن کي عمل ۾ آڻڻ- سوڻ ڪرڻ. ڪاڪڙي جي خرابي يا تارون ڪڻڻ جو هٿ هڻڻ.
ساٽِيڪو: ص. اندازا سٺ کن. (ذ) ٿر ۾ سٺ پُرهه اونهون کُوهه.
ساجِدُ: ص (ع) سجدو ڪندڙ. سِرُ نمائيندڙ.
ساجَنُ: ذ. (هندي. سجن) سڄڻ. پيارو- عاشق. يار- دوست.
ساڄَڙُ: ص. ساڄي هٿ سان ڪم ڪندڙ. (ضد کابَڙ)
ساڄو: ص. ساڄي پاسي وارو- سڄو (هٿ. پاسو وغيره).
ساڄو هٿ: محاورو. خاص مددگار. همراه ۽ ساٿي. پرڀرو.
ساڄِي: ث. وَجههُ- موقعو. سَنو- سانگو.
ساڄي لڳڻ: فائدي وارو وجهه ملڻ. سُنو جهٽ لڳڻ. موقعو ملڻ.
ساجهَرِ: ظ. سويل- سگهو- جلد. صبح سويل.
سااڃارو: ص (ساڃاهه وارو) سڃاڻندڙ- ڄاڻو. واقف ڪار. (ث. سااڃارِي).
ساڃاهَہ. ساڃاءِ: ث. سمجهه- ڄاڻ. سڃاڻپ- ڏيٺ- شناخت- پروڙ. حياءُ- مرم. لحاظ- مروت.
ساڃَهہَ: ث. ساڃاهه- ساڃاءِ.
ساحِرُ: ص (ع) سحر ڪندڙ- جادوگر.
ساحِرِي: ث. جادوگري. فسُون.
ساحِلُ: ذ (ع) سمنڊ جو ڪنارو. ڪَپُ- ڪنڌي.
ساختَ: ث (ف) بناوت- اڏاوت. بيهڪ. ڍول- نمونو. گهاڙيٽو.
ساختگِي: ث (ف) اڏاوت- ٺاهپ.
ساختہَ: ص. بنيل- ٺهيل. هٿراڌو- نقلي.
سادات: ذ (ع. "سيد" جو جمع) سَيدَ- سيد گهراڻي جا فرد.
ساداِئي: ث. سادگي.
سادگِي: ث (ف) بنا ٺاهه ٺوهه جي رواجي حالت. صفائي. خلوص. ڀورڙائي.
سادو: ص (ف. ساده) صاف. خالص- نج. بنا ٺاهه ٺُوهه جي. ڀالو ڀولو. رواجي- عام. بيوقوف.
ساده دِل: ص. ڀالو ڀولو. صاف دل. خلوص مند.
ساده دِلِي: ث. صاف دلي. اخلاص. ڀورڙائي. بيوقوفي.
ساده لوح: ص. ڀالو ڀولو- بيوقوف.
ساده لوحِي: ث. ڀورڙائي. بيوقوفي.
ساڌُ: ص (سن) ساڌو- فقير. مانيٺو- صبر وارو. غريب.
ساڌپائِي: ث. اشرافت.
ساڌ پاڌ: ص. اڇو اجرو- پاڪ پوتي.
ساڌنا: ث (سن) بندگي- ڀڳتي. شيوا. مشق (عبادت جي).
ساڌڻُ: م (سن) پورو ڪرڻ (عمل). مشق ڪرڻ. وردُ ڪرڻ. ادا ڪرڻ. پُڄائڻ- نباهڻ. سيڪارڻ- هيرائڻ. سنوت ۾ آڻڻ- سانڍڻ.
ساڌو: ص (سن) فقير. ڀڳت. درويش.
ساڌوهِي: ث. ڄار جي وڻ جو هڪ قسم (جيڪا جَهت هٿي پڪڙي ۽ اڇا پيرون ڏئي).

ساڍ، ث. اڍ عدد وڏيڪ اڍ تور وڏيڪ- اڍ ماڻ وڏيڪ. اڍ وزن وڏيڪ.

سارَ، ث. سنيالَ. يادگيري. ڳڻپ- شمار. تانگھہ- سِڪَ- چِڪ. سڄاڳي.

سار ٿيڻ، سڄاڳي ٿيڻ. يادگيري ٿيڻ. ياد پوڻ. (زال کي) ويم جي سنيال ٿيڻ. سڄاڳي.

سار، ص (ف) جھڙو- مثل. جيئن ۽ وانگر واري معنيٰ ۾ ايندڙ صفاتي پڇاڙي (مثلا ڪوھسار، خاڪسار وغيره).

سارِ، ث. مادي ۽ جو تناسل وارو عضوو. ساري- ڳوٺ. سارين جي پوک.

سارُ، ذ. جوھر- سَتُ- تَتُ. مطلب. اختصار.

ساراھَ، ث. تعريف- واکاڻ- ثنا- صفت. خوشامد.

ساراھِڻُ، م. تعريف ڪرڻ- واکاڻڻ.

سارِبانُ، ذ (ف) اوٺي- جَتُ- شُتربان.

سارڌوُ، ذ. شينهُن (ڌمسامي جو اصطلاح).

سارَسُ، ذ. ھڪ قسم جو وڏو پکي.

سارسنيارَ، سارسنيالَ، ث. نگھداشت. نظرداري. خذمت چاڪري. پرگھور.

سارَنگُ، ذ. رنگارنگي. ڪَکر. جھُڙ. مينھن. ھڪ راڳ جو نالو.

سارَنگِي، ث. گزي ۽ سان وڄائڻ جو ھڪ مشهور ساز.

سارَڻُ، م. ياد ڪرڻ- سنيالڻ. جانچڻ. ڳڻڻ. ڪٿڻ. پاڻڻ. موجود سمجهڻ (سگھہ، زور).

سارو، ظ. سڀ- ڪُل- سمورو. سڄو. سربستو.

سارُو، ظ. مناسب- لائق- موزون. موافق- پٽاندر.

سارُوڻِي، ث. يادگيري- سنيار. سارَ. سِڪَ- چِڪَ. تات.

سارُوڦا، ذ. مهاندا (نڪ، چپ، ڳل، اکيون)- مُنهن جو نقشو.

سارُوسنگھار، ذ. آڳاٽي دور جو ھڪ وڏو مالدار ڀاڳيو- سڀ مال وارو.

سارَھہ، ث. ساراھہ.

سارِي، ث. راند جو مُهرو- ڳوٽَ. ٿُھہ چڙھيل چانور جو داڻو. (ظ) سڄي- سڀ- سربستي.

سارِي ڪرڻ، بازي، راند يا مقابلو کٽڻ. سوڀ ڪرڻ. سرسي ڪرڻ (مقابلي ۾).

ساري ڪڍڻ، گوءِ کڻڻ- سرسي ڪرڻ.

سارِيال، ث. سارين واري پوک. سارين جي پوک واري زمين.

سارِيڪو، ساريڪو، ظ. جھڙو- مِثل- وانگر. برابر- مَٽ.

سارِيُوھ، ث. ٿُھہ چڙھيل چانور.

ساڙُ، ذ. جَلُ- ڪامَ. باھہ ۾ سڙيل ھنڌ جو زخم. تپش. ساڙو- حسد- بغض. سيءَ سبب وٽن ٻوٽن ۾ ساڙَ.

ساڙَ ڏيارڻ، چڙ ڏيارڻ. ڪِجائڻ. خار ڏيارڻ. چيڙائڻ.

ساڙَ سَڙيو، ص. حاسد. ريسارو. بغض رکندڙ.

ساڙُ ڪرڻ، سيءِ جو وٽن ٻوٽن کي ساڙي ڇڏڻ.

ساڙَڻُ، ساڙِڻُ، م. جلائڻ- ٻارڻ- باھ ڏيڻ.

ساڙو، ذ. ساڙُ. حسد. پَچُ. گرمي. ھڪ بيماري (جنهن ۾ پيشاب ساڙي سان اچي).

ساڙُوتڙو، ص. حاسد. بغضي. ريسارو.

ساڙھو، ذ. ڍُماٽي لاءِ ٿانءَ (عموما ٺڪر جو ڪِنگر وغيره).

ساڙھِي، ث. زناني لباس جو ھڪ قسم (ڊگھو ڪپڙو جيڪو سڄي جسم تي وڙھجي)

سازُ، ذ (ف) وڄت جي صنعت وارو- واڄو.

ساز بازَ: ث (ف) سازش- منصوبو.
ساز بازُ: ص. منصوبو سٽيندڙ. سازش ۾ هم صلاح. هم شريڪ.
سازشَ: ث (ف) منصوبو. قانون خلاف منصوبو. بغاوت.
سازشِي: ص. منصوبو ٺاهيندڙ. فسادي. فتنہ باز.
سازِگار: ص (ف) لائق- موافق- مناسب.
سازنده: ص (ف) ساز وڄائيندڙ.
سازو سامان: ذ (ف) گهر جو سامان- ٽپڙ ٽاڙي. مال اسباب.
ساسُ: ذ (سن) ساهُ- پساه.
ساسِي: ص. ساهوارو- جاندار.
ساسَرِ: ث (انگ) چينيءَ جي ننڍي پليٽ (ڪوپ رکڻ لاءِ).
ساعَتَ: (ع) گهڙي. پل- لحو. وقت. ڪلاڪ. مهل. قسمت- نصيب. ڀاڳُ.
ساعت سولي ٿيڻ: نصيب سنو ٿيڻ- ڀاڳُ ڀلو ٿيڻ.
ساغرُ: ذ (ف) پيالو. گلاس.
ساقِطُ: ص (ع) ڪِريل. گم. ترڪ ڪيل.
ساقي: ذ (ف) شراب پيارينڌڙ. محفل ۾ شراب ونڊيندڙ.
ساقيءِ ڪوثر: ذ. حوض ڪوثر جو جام پيارينڌڙ.
ساڪارَڻُ: م. ڪم پورو ڪرڻ.
ساڪِتُ: ص (ع) چُپ- خاموش- ماٺ. هڪ هنڌ بيٺل. چرپر نہ ڪندڙ.
ساڪَرَ: ث. زبان کي وچڙندڙ ۽ وڻندڙ ذائقو. جبل سان لاڳو پٿرين واري زمين.
ساڪران: ث. پٿرين واري اراضي.
ساڪرو: پٿرائين ۽ ٽاڪرو زمين کان هيٺ پڪڙيل اراضي.

ساڪُڙ: ث. آسَري لٺي جو ٻور. ڇُرَ جي ڪم يا چمڙي رڱڻ ۾ ڪم ايندڙ مصالحو (جيڪو لٺي جي ٻور مان ٺهي).
ساڪِنُ: ص (ع) بي حرڪت- غيرمتحرڪ. بنان چُرپر. رهاڪو- رهواسي. باشندو. جَزم وارو اکر.
ساڪِنانِ: ص. "ساڪن" جو جمع.
ساکَ: ث. اعتبار- ڀرم. عزت- آبرو. شاهدي- گواهي. ويساه.
ساکَ پَت: ث. ڀروسو- اعتبار. قسم سُنهن.
ساک ڏيڻ: ڪنهن جي ڀاران اعتبار ڏيڻ. سُنهن ويساه ڏيڻ. قسم کڻڻ.
ساکِرِ: ث. ساک پت واري ڏر. اعتبار جوڳو ماڻهو.
ساکِي: ص. شاهد- گواهہ.
ساکي بيت: اهو بيت جنهن مان ڪنهن ڳالهہ يا اهڃاڻ جي پڪي ثابتي ملي.
ساکِي پَتِي: ظ. ساک پت سان- ويساه سان.
ساکيات: ظ (سن) هوبهو- جهڙو
ساگرُ: ذ (سن) سمنڊ- بحر.
ساڳُ: ذ. پالڪ- سبزي- ڀاڄي. هڪ قسم جو وڻ (جنهن جو ڪاٺ عمارتي اڏاوت ۾ ڪم اچي).
ساڳو: ذ. اُن جو گلو. سات- ڦانلو. (ظ) ساڳيو- هوبهو. اصلي. (ضد= ويڳو)
ساڳِئو: ظ. ساڳيو- هوبهو- اُهوئي. اصلي.
ساڳهَرِ: ث. آکهہ- عيال- ڪٽنب (زال سميت ٻار). گهرواري.
ساڳاهِڻُ: م. سمجهڻ- پروڙڻ. ساڃاهہ ڪرڻ. لحاظ ڪرڻ. باز اچڻ (عادت کان).
ساڳو واڳو: ص. ڏسٺو وائسٺو. ڄاتو سڃاتو. معتبر. ديده دانستہ.

سالُ: ذ (ف) ورهيہ (ٻارهن مهينا). (ص) سالم- سڄو.

سال ڳرو هئڻ: سڄو سال تڪليفن ۾ گذرڻ. مصيبتن وارو سال هئڻ.

سالارُ: ذ (ف) سردار- اڳواڻ.

سالارو: ذ. درياہ جي ڇڏيل ريت واري خشڪي زمين. ميدان.

سالانہ: ظ (ف) سال جو. هرسال.

سالبسال: ظ (ف) هرسال- ٻارهين مهيني.

سالٽ: ذ (انگ) لُوڻ. لُوڻ جو سَٽ.

سالخُورده: ص (ف) ورهين جو ڪاڙل. پراڻو- جهونو- پُٽو.

سالِڪُ: ص (ع) راه تي هلندڙ- سفر ڪندڙ. مسافر. اهو شخص جيڪو زاهد بہ هجي ۽ دنيادار بہ. 'سُلوڪ' جي راه تي هلندڙ.

سالگِرهَ: ث (ف) جنم جي تاريخ جيڪا هرسال اچي ۽ ملهائجي.

سالِمُ: ص (ع) سلامت- محفوظ. چڱو ڀلو. سڄو- پُورو- مڪمل. سريستو.

سالنامو: ذ (ف) ڪنهن اخبار يا رسالي جو ساليانو پرچو.

ساليانو: ظ (ف) سالبسال- هرسال- ٻارهين مهيني.

سالو: ذ. زال جو ڀاءُ. (ث. سالي)

سالهاسال: ظ (ف) سالن جا سال. گهڻن سالن تائين.

سالُورُ، سالُورو: ذ (ف. شال) پَٽ جو اٺيل ڳاڙهو رتو. ريشمي وڳو.

سامُ: ث. پناه. پناه ۾ آيل ٻانهن.

سام پوڻ: پيش پوڻ (حفاظت لاءِ). پناه ۾ اچڻ.

سامانُ: ذ (ف) اسباب- ٿپڙ. وٿون- چيزون.

سامان سٽو: ذ. ٿپڙتاڙي. مال اسباب.

سامانو: ظ. هٿيڪو- سنيالي رکيل. قبول پيل- مقبول. سوَلو (بنا تڪليف جي).

ساماڻجڻ: م. بلوغت کي پهچڻ. سمجهہ واري عمر ۾ اچڻ. بالغ ٿيڻ.

ساماڻڻ: م. بالغ ٿيڻ. خودخيال ٿيڻ- پاڻ وهٽو ٿيڻ.

ساماڻيل، ساماڻل: ص. بالغ ٿيل- جوان ٿيل.

سامَبرُ: ذ (سن) ٻارهن سڱو جانور.

سامَتَ: ث. مات- صبر- سانت. آرام- فرحت.

سامِري: ذ (ع) حضرت موسيٰ عليه السلام جي عهد ۾ گابي جي پوڄا ڪرائيندڙ هڪ جادوگر.

سامعُ: ص (ع) ٻڌندڙ.

سامعِين: ذ. 'سامع' جو جمع. ٻڌندڙ ماڻهو.

سامُونڊِي: ص (سن. سمدريہ) سمنڊ جو- سمنڊ وارو- بحري. (ذ) سمنڊ تي سفر ڪندڙ. ناکئو. ٻيڙياتو.

ساموئِي: ذ. مڪلي ڪان اتر طرفان سمن جي قديم بستي.

سام ويد: ذ (سن) هندن جو هڪ ترمي ڪتاب.

سامُهون: ظ. روبرو- اڳيان- مقابل. آڏو. موجودگي ۾. (ذ) مُهڙ- آڳو.

سامهون ٿيڻ: دوبدو ٿيڻ. منهن ڏيڻ. مقابلو ڪرڻ. تڪرار ڪرڻ- مهاڏو اٽڪائڻ.

سامهون ڪرڻ: موجود ڪرڻ- روبرو ڪرڻ. پيش ڪرڻ. مقابلو ڪرڻ.

سامِي: ص (سن. سوامي) هندو فقير (جيڪي گيڙو رتا ڪپڙا اوڍين). هندن ماڻهن جي هڪ ذات.

سامِي: ث. قبر ۾ اندر پاسي تي ٺهيل ڳجهہ (جنهن ۾ لاش رکجي). لحدَ.

سان: حرف جر (سن سَم) ساڻ- گڏ- مع.

سانُ، سانهُ: ذ. مينهَن جو نَرُ. نسل لاءِ بيهاريل ڍڳو يا پاڏو.

سانا؛ ذ. سامونڊي گانگٽ جو هڪ قسم.
ساناهہُ، سانباهو؛ ذ. سنبت- تياري. شادي جي
تياري جو سوڻ.
سانباهو؛ ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (مردار پکي).
سانپارا؛ ظ. درياءَ جي ٻئي پاسي کان- سامهون يا
پار کان.
سانبَرَ؛ ث. سنڀار- ڳُڻپ. يادگيري. ڄمار- عمر.
دور- زمانو.
سانبَرُ؛ ذ. وڏو چَرُو.
سانيَڻُ؛ م. سانڍڻ- سنڀالڻ. تاتڻ. پالڻ. حفاظت ڪرڻ.
سانپيڙو؛ ص. سنڀاليندڙ. تاتيندڙ. نپائيندڙ.
وارث. مالڪ.
سانپيڪڻُ؛ م. ياڪر پائڻ. ڳڏجي هڪ ٿي وڃڻ.
سانتِ؛ ث (سن. شانت) ماٺِ- چُپ- خاموشي. ٺهر-
ڌيرج. صبر. ماٺار.
سانتيڪائي، سانتيڪي؛ ث. ماٺ- خاموشي.
نويڪلائي. نِوائي. ڌيرج. آهستگي.
سانتيڪو؛ ص. ماٺ- خاموش. ماٺيڻو- ٿور ڳالهائو.
سانٽو، سانٺو؛ ذ. سُڪل- لوٺ. سُڪل ڪانو.
(ڪمند جي سُڪل لٺ وانگر) ايرو.
سانجَہَ؛ ث. رڌپچاءَ جو ڳهرو ڪم.
سانجڻ ڪرڻ؛ رڌڻ پچائڻ (ڳهر ۾).
سانجهي؛ ث. سج لٿي جي مهل- مغرب جو وقت. رات.
سانچو؛ ذ. قالب. بوتو. شڪل- بُت.
سانچَڻُ؛ م. سانڍڻ. سنڀالڻ. تاتڻ.
سانحو؛ ذ (ع) حادثو- ڏکوئيندڙ واقعو.
ساندارو؛ ذ. پکال- مشڪ. سيڻاه. سمنڊ جو چاڙهہ.
ساندارو ڏيڻ؛ ٻيڙياتن جي اصطلاح موجب، درياءَ جي
ٻيءَ پر ڏانهن وڃڻ لاءِ ٻيڙي کي اوپارو هاڪارڻ.
سانداري؛ ث. ننڍي پکال. اوٺي. چاڳر- چاڳل.
سانداڻ، سانداڻ؛ث. لوهارڪي ڪم جو هڪ
اوزار (لوهي ڍِڪي جنهن تي لوه ٺپجي)- آهرَڻ.
ساندہ؛ ظ. هرروز- ڏيهاڙي- سدائين- هميشه.
لاڳيتو- وري وري.
ساندالو؛ ذ. سنڌيل شيءِ (انبڙيون، گجرون، ڏونرا
وغيره)- آچار- آٿاڻو- ڪٿاڻ.
ساندو؛ ذ. جيت جو هڪ قسم (ڇپڪيءَ کان وڏو،
اُس تي رنگ بدلائي).
سانڍَ، سانڍِڻُ؛ ث. سنڀال. پرورش- تات. حفاظت.
پرگهور.
سانڍَڻُ. سانڍِڻُ؛ م. سنڀالڻ- حفاظت ڪرڻ.
سنڀالي رکڻ- محفوظ ڪرڻ. نپائڻ- تاتڻ. پالڻ.
سانڍورَ؛ ث. سنڀال. تات. چاڪري. سانڍ.
سانگَ؛ ث. پچار- يادگيري- تات. ڳِڻتي- اڻ تڻ.
شاخ- ٽاري- لام.
سانگُ؛ ذ. تماشو. روونشو. ناٽڪ- کيل. بهروپ.
برامو. ڍونگ- مِڪرُ. بهانو- حيلو. وجهہ- موقعو. سفر
(ٻيءَ جُوءِ ڏانهن). شاخ (وڻ جي)- لام (جئن ٻہ
سانگ، ٽہ سانگ= ٻن شاخن يا ٽن واري ٽاري). ڀالو-
نيزو (عموما ڪاني يا لوهہ جو ٺهيل). دريا مان ڦٽي
نڪتل وهڪرو- واهڙ.
سانگُ وجهڻ؛ تماشو ڪرڻ.
سانگُ صَرفو؛ ذ. ڪفايت شعاري.
سانگو؛ ذ. سبب- بهانو. مهل- موقعو. وَجهہُ. لحاظ-
مُروت. پرواهہ.
سانگي سان؛ ظ. بهاني يا سبب سان. اتفاق
سان- اوچتو.
سائِگي؛ ذ. سانگ وارو. ڳاهہ جي سَنِي سان ويهندڙ

مال وارو. گاه پٽي جي سهولت خاطر عارضي جُوءِ ڏانهن مال ڪاهي ويندڙ. سيلاني- خانہ بدوش. (ذ) مشهور شاعر مير عبدالحسين خان ٽالپور جو تلخص.
سانْ گمانْ: ذ. خيال ۽ ارادو. فڪر ۽ انديشو.
سانگوٽو، سانگوٽو: ذ. ڪوڏُ (ساموندي جيت).
سانگهارو: ذ. درياءَ ۾ پاڻيءَ جي لاٽ- چينهَرو (پاڻي جو). لاٽ- ڪمي.
سانگهيڙو: ذ. ٺڪر جي ٿانءَ (دلي وغيره ۾) سوراخ.
سانوَڙُ، سانهَڙُ: ذ. ڪيڙيل زمين کي سنوت ۾ آڻڻ جي ڪاٺي يا تختو- سُهاڳو.
سانورو، سانولو: ص. ساواڻ ميراڻ مائل رنگ- مليح.
سانوَل: ص. سانورو سهڻو. پرين پيارو (دوست، محبوب).
سانوَڻُ: ذ (سن. شراوڻ) مينهوڳيءَ وارو مهينو (جنهن ۾ هرهنڌ گاه ۽ ساوڪ ٿئي). برسات- وسڪارو.
سانوَڻي: ذ. ساوڻ جي منڊ. ساوڻ جي برسات. مينهوڳي واري موسم.
سانهہ سَتِي: ث. واندڪائي- فرصت. نويڪلائي. آرام- صبر- سانت.
سانٽرُ، سائِرُ: ذ. سمنڊ- درياءُ. شاعر.
ساڻُ: ظ. گڏ- پيڙو- مع.
ساڻائِي: ث. ماندڪائي- هيڻائي. (ٿڪُ سبب) سُستي.
ساڻو: ص. بي سَتو- نِستو. ٿڪ کان هيڻو- ماندو. (ث. ساڻِي).
ساٿي: ص. شريڪ- گڏ. ساٿي- رفيق. مددگار- همراه. سات ڏيندڙ.
سائيهہُ: ذ. ديس- وطن- ڏيهہ. جنم ڀومي.
ساواڻِ: ث. ساوو رنگ. ساوَڪَ.
ساوَڙُ: ص. ساڄي هٿ سان ڪم ڪندڙ. (ضد. ڏاوَڙ).

ساوَڪَ: ث. ساواڻ. هريالي. وڻن ٻوٽن واري ايراضي.
ساوَلِ: ث. ساوڪ. ساوو گاه. ساواڻ.
ساهَ: ث. نهن ڪان وٺي چوٽيءَ تائين سڄي جسم تي پائڻ جا زنانا ڳهہ. (سوني ساه، روپي ساه). ڇڪَ- تاڻَ. سَٽَ- ٽڪَ.
ساهہَ ڏيڻ: ڇڪَ ڏيڻ- تورو زور ڏيئي ڇڪڻ.
ساهُ: ذ. دَمُ- نفس. جيءُ. آه، ڦوڪَ.
ساهُ پرجڻ: گهڻي دير تائين ساه روڪڻ. وڏا ساه کڻڻ. سهڪڻ.
ساهُ ٽُٽڻ: دم پورو ٿيڻ- پساه پورا ٿيڻ. ٿڪجي ماندو ٿيڻ.
ساهہ پَٽڻ: سامي کڻڻ. ٿڪ ڀڃڻ. واندڪائي ڪرڻ.
ساهہ چڙهڻ: دم گهُٽجڻ. اُساهي ٿيڻ. سهڪڻ.
ساهہ ڇڏڻ: بي ستو ٿيڻ. ڪمزور ٿيڻ. هيڻو ٿيڻ.
ساهہ سان لڳڻ: هراسجڻ. پريشان ٿيڻ. جان جو خطرو ٿيڻ.
ساهہ ڪڍڻ: ماري ڇڏڻ. ڊپ ڏياري هيسائڻ.
ساهہ کڻڻ: دم کڻڻ- پساهہ کڻڻ. جيئرو رهڻ. دم پٽڻ- سامي کڻڻ.
ساهِتُ: ذ (سن) علم ادب.
ساهِتِي: ذ سَهتن وارو ملڪ. موجوده نوشهري فيروز ضلعي وارو خطو (جنهن تي اڳاٽي وقت ۾ "سهتا" قوم جي آبادي سبب نالو پيو).
ساهُرا: ذ. مڙس جا مائٽ. زال جي سَس سهري جو گهر.
ساهَڙُ: ذ. مشهور عشقيه قصي "سهڻي- ميهار" جي ڪردار ميهار جو نالو.
ساهَنگو: ذ. سهانگو.
ساهِڻُ: م. سَهائڻ. ڇڪڻ- تاڻڻ. زور ڏيڻ. سامي

ڏين. بار وجهڻ. سهسائڻ.

ساهُو؛ ص. ايماندار- نيڪ. شاهوڪار. پهلوان- سورهيه.

ساهي؛ ث. ساهه کڻڻ جي فرصت. فرصت- مهلت. ٿوري دير واندڪائي. زمين کي آبادي کان هڪ وارو وقفو.

ساهي ڏيڻ؛ وقفو ڏيڻ (هلندڙ ڪم ۾). واندڪائي ڏيڻ. ٿوري دير لاءِ ملتوي ڪرڻ.

ساهي کڻڻ؛ ڪم کان فراغت ڪرڻ. واندڪائي ڪري آرام ڪرڻ. ٿوري دير لاءِ ويهي ٽڪ پيڻ.

ساهيڙو؛ ص. وڏو- سڌر. سڌريل. زور وارو.

ساهيڙپ؛ ث. عورتن جي هڪ ٻئي سان دوستي.

ساهيڙي؛ ث. دوستيءَ واري عورت- ساهڙي. سکي- سهيلي.

ساهيلي؛ ث. ساهيڙي.

ساءُ؛ ذ. سواد- ذائقو. لذت. مزو- لطف.

سائبانُ؛ ذ (ف) تنبو- خيمو. شاميانو. ڇپرُ (اُس کان بچاءُ لاءِ).

سائرُ؛ ذ. سمنڊ- بحر- ساگر. وڏو درياهه.

سائرُ؛ ص (ع) سير ڪندڙ- گهمندڙ. شاعرُ (عوامي ٻولي).

سائلُ؛ ص (ع) گهُرندڙ. سوالي- منگتو. اميدوار- آسروند. پينو فقير.

سائنس؛ ث (انگ) علم- تجرباتي ڄاڻ وارو علم.

سائڻ؛ ث. مالڪياڻي- ڌياڻي. صاحبه ("سائين" جو مونث).

سائو؛ ص. سبز (رنگ). آباد. تازو (وڻ، ٻوٽو، سلو وغيره). سکيو آسودو. شاهوڪار. ساڄو (هٿ، پاسو، طرف) (ث. سائي).

سائو ستابو؛ ص. سکيو آسودو. مال متاع وارو.

سائُو؛ ص. دولتمند- شاهوڪار- تونگر. سکيو آسودو. مال متاع وارو. ڀاڳيو. نيڪ مرد. اشراف. دلير- سورهيه.

سائُون؛ ذ. گاهه جو هڪ قسم (جنهن جو ٻج ڏٿ طور ڪم اچي.)

سائي؛ ص. سـ رنگ جي- سبز. تازي (ڀاڄي، ڪاني وغيره). هڪ قسم جي بيماري (جنهن ۾ جسم پيلو ٿي وڃي). يرقان.

سائي ڀاڄي؛ ث. پالڪ- ترڪاري.

سائيڊ؛ ث (انگ) پاسو.

سائيز؛ ث (انگ) قدبت- حجم. ڊيگهه ويڪر.

سائيسُ؛ ذ. گهوڙن کي سنڀاليندڙ ۽ سيکاريندڙ.

سائيڪلَ؛ ث (انگ) ٻن ڦيٿن واري هڪ قسم جي سواري.

سائين؛ ذ. مالڪ- ڌڻي- آقا. معزز ماڻهو يا پاڻ کان وڏي لاءِ عزت ڀريو لفظ.

سائين لوڪُ؛ ص. درويش- الله وارو. خدا جو نيڪ ٻانهو. الله لوڪ.

سايو؛ ذ (ف. سايه) ڇانءَ- ڇاڇولو. ڍڪ. حفاظت. پاڇو- اثر. جن ڀوت جو اثر.

سايه دار؛ ص. ڇانوَ وارو.

سَبِ؛ ص (انگ) ماتحت يا نائب جي معنيٰ واري اڳياڙي (جيئن سب انجنير، سب انسپيڪٽر وغيره).

سب ڊويزن؛ ث. ضلعي جو هڪ ڀاڱو انتظامي ڀاڱو.

سَباڻ، سَنباڻُ؛ ذ. ڪير کي ڄمائڻ لاءِ ڪناڻ وغيره وڌل ڏونرو وغيره.

سِبائي؛ ث. ڪپڙن ٻخائڻ يا سبائڻ جو اجورو- سلائي.

سِبائِڻُ؛ م. ٻخائڻ (ڪپڙا)- سِلائڻ. ٽوپائڻ (ڪَنَ، نڪ). ڳنڍائڻ (جُتي).

سَبَبُ: ذ (ع) ڪارڻ- بهانو- باعث. ذريعو- وسيلو.
سُبت: ث. سڌو طريقو. صحيح پاسو (ڪپڙي وغيره جو). سُوڌ. سنوَت. (ضد. اُبت)
سُبتڙو: ظ. سبتي پاسي. سنئين نموني. سڌي طريقي. (ضد. اُبتڙ).
سُبتو: ظ. سنئين نموني- سُوڌو. سڌو. صحيح- برابر. راست. (ضد. اُبتو).
سُبحانُ: ذ (ع) خدا تعاليٰ کي پاڪائي سان ياد ڪرڻ. ذڪي تعاليٰ.
سُبحان الله: جملو. "الله جو شان"- واه واه! بلي بلي!
سَبزُ: ص (ف) سائو (رنگ). شاداب- آباد.
سَبزپوشُ: ص. سائو لباس پهريندڙ (درويش، فقير).
سَبز قدمُ: ص. نياڳو- منحوس.
سَبزه: ذ (ف) ساوڪ. وڻ ٽڻ گاه وغيره.
سبزه زار: ذ. چراگاه. سائي گاه واري زمين.
سَبزِي: ث (ف) ساوڪَ (گاه، وڻن ٻوٽن جي). ڀاڄي- ترڪاري.
سَبع سَماواتِ: ذ. ست آسمان. ست مشهور گِرهه (قمر، عطارد، زهره، مريخ، مشتري، زحل ۽ شمس).
سَبَقُ: ذ (ع) استاد جا روزانو پڙهايل اکر. درس. نصيحت. سزا- سيکت.
سبق وٺڻ: تعليم وٺڻ. هدايت وٺڻ. نصيحت پرائڻ.
سَبقت: ث (ع) پيش قدمي. متانهين- آکرائي. ترجيح- برتري- فوقيت.
سبقت ڪرڻ: ڪنهن به عمل ۾ ٻين کان اڳي گوءِ کڻڻ. سرسي ڪرڻ.
سُبڪ: ص (ف) هلڪو. تيز (رفتار ۾). نازڪ.
سُبڪ رفتار: ص. تيز هلندڙ- تکو.
سُبڪدوش: ظ (ف. لفظي معنيٰ ڪلها بار کان آجا ڪرايل- هلڪن ڪلهن وارو) ذميداري کان ڇُٽل. آزاد. فارغ (ملازمت کان).
سُبڪِي: ث. هلڪائي (مزاج جي). ترڙائي. شرمندگي. خواري.
سِبَڻُ: م. ٻخڻ- ٽانڪڻ. سلائي ڪرڻ. ٽوپڻ. ڳنڍڻ.
سُبُو: ذ (ف) گهڙو. مَٽُ. پيالو. گلاس.
سَبِيلُ: ث (ع) رستو- واٽ- راه- طريقو. تدبير- حيلو. ذريعو- وسيلو- سبب. واٽهڙن لاءِ رستي تي رکيل پاڻي.
سَباجهو: ص. ٻاجهه ڀريو- ٻاجهارو. رحمدل. قياس وند. سلڇڻو. ڇڻيوان.
سَڀالو: ص. سکيو. ڪپڙي لٽي ٺهيل. (ضد. اڀالو).
سُڀڏ: ص. سُڌ ٻڌ وارو- سگهارو- جانٺو. پهلوان. خوشحال. سَيرو.
سَڀرائِي: ث. زوراوري- ڏاڏائي. ظلم- جبر.
سُڀڪارو: ذ. ڏڏو ساه. سُڏڪو.
سُڀنڌُ: ذ. ڳانڍاپو- تعلق. پريت- قرب.
سَڀوجهُ، **سَڀوجهو**: ص. ڏاهو- سيائو- سمجهه. فهميدو. هوشيار. (ضد. اڀوجهه، اڀوجهو)
سُڀي: ث. نظر جي اثر لاهڻ لاءِ ناظرو کان وٺايل ڌاڳا. نوڙي.
سُڀيلي: ص. مددگار- ساٿي- سنگتي.
سَڀُ: ظ. ڪُل- جملي. سڄو- مڪمل. سراسر.
سَڀا: ث (سن) جماعت- انجمن- بزم. ٽولو- جٿو. ڪائونسل. ڪچهري- دربار.
سَڀاپتي: ذ. انجمن جو صدر- مير مجلس.
سَڀاڳُ: ذ (سن) خوش قسمتي- خوش نصيبي. ڀاڳ- بخت.

سَياڳائي، ص. سُٺو ڀاڳ- خوشنصيبي. سدورائي.
سَياڳو، ص. سٺي ڀاڳ وارو- خوش نصيب- بختاور. سدورو. (ث. سياڳي).
سَيان، ظ. سَيائي.
سَيائي، ظ. ايندڙ ڏينهن. قيامت جي ڏينهن.
سَيا، ذ (سن) حالت. خاصيت- گڻ. عادت- خُوءِ. طبيعت- مزاج.
سَياويڪ، ظ. مزاج مطابق. ازخود. لازمي طرح.
سَيت، ظ. سڀ- سڀڪجهه. هرطرح. سڀ ۾. سڀئي.
سَيَرُ، ص. سگهارو. ڏاڍو- مضبوط. زور وارو. خوشحال- سکيو آسودو. زياده- گهڻو.
سَيرائي، ث. تونگري- آسودائي. تندرستي- چڱڀلائي. طاقت- سگهه.
سَيُرو، ص. طاقتور. ٿلهو متارو. سگهارو. دنيادار. مضبوط. ڏاڍو. (ث. سَيري)
سڀ سڻائي، ث. ڪل خير. سوڀ ۽ ڀلائي (دعا جو جملو).
سڀ ڪجهه، ظ. جملي- سمورو- ڪُل. هڙئي.
سَڀڪو، ص. هرهڪ- جملي. جيڪو تيڪو.
سَڀڪي، ظ. سڀ- جملي- ڪُل ئي.
سَيوڪجهه، ظ. سڀ ڪجهه.
سَيوئي، ظ. هڙئي- ڪُل ئي.
سَيئي، سَيئي، ظ. ڪل ئي- جملي- سڀ.
سَڀيتا، ث (سن) تهذيب- هلي چلي- رسمون رواج.
سَتَ، ص. هڪ عدد (٧).
سَت آسمان، ذ. اڳاتي وقت جي عقيدي موجب ست آسمان.
سَتُ، ذ (سن) جوهر- نچوڙ. رَسُ. اصليت. سچ. ايمان. سگهه- قوت- طاقت. حوصلو. ٻَلُ.
ست سارڻ، سگهه محسوس ڪرڻ. حوصلو ڪرڻ.
سُتُ، ذ. رَسُ. پاڻي. اُٿيل اڪيءَ مان وهندڙ ريشو.
سَتابو، ص. عزت وارو. مان شان وارو. هُوند وارو. سکيو آسودو.
سَتارُ، ص (ع) ڍڪيندڙ- پرده پوش. عيب ڍڪيندڙ. خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
سِتارُ، ث. مضراب سان وڄائڻ جو ستن تارُن وار هڪ ساز.
سَتار پيشاني، ذ. پيشانيءَ تي اڇي ٽِڪي وار گهوڙو (جيڪو نياڳو سمجهيو وڃي).
سَتارو، سِتارو، ذ (ف. ستاره) تارو- نجم. قسمت- نصيب- اقبال- ڀاڳ. زريءَ جي پرت ۾ ڪم ايندڙ گول ٽڪرو. گهوڙي جي پيشاني تي اڇو داغ (نياڳ جي نشاني).
ستارو گردش ۾ اچڻ، نياڳ جو زمانو اچڻ. نحوست جو وقت اچڻ. تنزلي جو دور اچڻ.
سِتاره شناس، ص (ف) نجومي. تارن جي لهڻ ابرڻ ۽ انهن جي اثر جو علم رکندڙ.
ستاره شناسي، ث. نجوم جو علم.
سَتاري، ث. پرده پوشي. مهر- ٻاجهه.
سَتاڙو، ذ. ستاواڙو.
سِتان، ذ (ف) جاءِ. هنڌ. صفاتي اڳياڙي طور ڪم ايندڙ (جئن هندوستان، ريگستان وغيره). (ص) وٺندڙ- جهليندڙ. صفاتي پڇاڙي طور ڪم ايندڙ (جانستان دلستان وغيره).
سَتاواڙو، ذ. شادي جي ستين ڏينهن ڪنوار جي مائٽن جي گهر وڃڻ جي رسم.
سَتائڻ، م. ايذائڻ. تڪليف ڏيڻ. آزارڻ. رنج ڪرڻ. ڪاوڙائڻ. ڪڪ ڪرڻ- تنگ ڪرڻ. بيزار ڪرڻ.

سَتائش، ستايِش؛ ث (ف) ساراهه- تعريف- واکاڻ.

ست بگهيائي؛ ث. ستن بگهڙن جو ولر (جيکي گڏجي شڪار تي حملو ڪن).

سَتَ پرائي؛ ث. ستن پاڻرن جي پيڻ (اُها عورت جنهن جا ست پاڻر هجن). عورت جو نالو (اسم خاص).

سَتَتُ؛ ظ. سگهو- تُرت- جلد. هڪ پٺي پويان لاڳيتو.

سَتَ پُٽيتو؛ ص (دعائيه جملو) ستن پُٽن وارو. گهڻ اولادي.

سَتَ پُڙو؛ ذ. ستن تهن واري ماني (اُٽڙاتو).

سَت پيڙهيُون؛ ث. گذريل ست نسل يا ايندڙ اولاد ۾ ستن نسلن جو سلسلو. بڻ بنياد. ڪٽنب.

سَت جُڳُ؛ ذ. سچو زمانو (جيڪو گذري ويو).

سَتجَڻُ؛ م. ست سارڻ. حوصلو ڪرڻ. دل ٻڌڻ.

سَت ڌاريو؛ ص. اوپرو- اجنبي. ڌاريو (جنهن سان مُنهن لڳ نه هجي).

سَتر؛ ص. هڪ عدد (٧٠).

سَتْر؛ ذ (ع) لِڪَ- ڍَڪُ. ڍڪ واري جاءِ- اوگهڙ.

سَتر پوشي؛ ث. عيب يا اوگهڙ کي ڍڪڻ.

سَتَ راجي؛ ذ. گهڻيون ذاتيون. گهڻا ماڻهو.

سَتَ رَڇي؛ ث. ستن قسمن جا طعام. لذيذ کاڌا.

سَتَڙُ؛ ذ. سٺائو تَڙ. سٺائي تڙ وارو. منزل تي سڌو پهچڻ وارو. (ضد. اَوَتَڙ).

سَتڙيو؛ ذ. ماءُ جي پيٽ ۾ ستن مهينن هجڻ بعد ڄاول ٻار. (. ستڙي).

سَتَ سَتاءُ؛ ذ. ميڙ منٿ. آزاري نيزاري. ڇِتو ڇَواءُ- سفارش.

سَت سَري؛ ث. ستن سَرن واري ڌُهري (ڳهه).

سَت سُرَ؛ ذ. موسيقي جا بنيادي ست آواز (سا، ري، گ، مَ، پ، ڌَ، نِي)- سرگم.

سَتَ سُري پڌائڻ؛ تکي ورندي ڏيڻ. چُڙڪ جواب ڏيڻ. رکو ڳالهائڻ. گهٽ وڌ ڳالهائڻ.

سَتَ سَمُنڊ؛ ذ. دنيا جا وڏا سمنڊ- وڏا بحر.

سَتَ سينگارُ؛ ذ. عورت جا ست سينگار (ميندي، سُرمو، مسي، مساڳ، سيندر، ٽڪي ۽ زيور).

سَتَ گُرُ؛ ذ (سن) سچو مرشد- مرشد ڪامل.

سَت گُلو؛ ذ. هڪ قسم جي وَلِ ۽ اچو گُل (پسارڪو وکر).

سَتَلُ؛ ص. ننڊ پيل. غافل. سُست.

سِتَمُ؛ ذ (ف) ظلم- ڏاڍُ- انڌير. ڪُنياءُ. بي انصافي- بيدادي.

سِتَم ايجاد؛ ص. ظلم جو بنياد وجهندڙ- وڏو ظالم. معشوق.

سِتم رسيده؛ ص. مظلوم.

سِتم شِعار؛ ص. ظلم ڪرڻ جو عادي- ظالم.

سِتَم ظَريفُ؛ ص. لڪ چپ ۾ ظلم ڪندڙ. جنهن جي گفتگو ۾ شرارت هجي- چرچائي.

سِتمِ ظَريفي؛ ث. ظلم- انڌير.

سِتمَ ڪرڻ؛ ظلم ڪرڻ- بيدادي ڪرڻ.

ستمگر؛ ص. ظالم.

سَتو؛ ذ. تاس ۾ ستن انگن وارو پتو. (ص) سَت وارو- پاڪباز.

سَتو جَتو؛ ص. جنهن شادي نه ڪئي هجي ۽ جنسي خواهشات کان پري رهيو هجي. پاڪدامن- پرهيزگار. (ث. سَتي جَتي)

سَتُو؛ ذ. ڪڻڪ جي پڪل اَنُ جو اٽو (جنهن ۾ کنڊ ۽ پاڻي ملائي کائبو).

سِتودَه؛ ص (ف) ساراهه جوڳو- قابل تعريف.

ستوده ڪار؛ ص. نيڪ خصلت. نيڪ.

سِتُونُ، ذ (ف) ٿنڀ- پايو- رُڪن. منارو.
سَتوهه، ذ. لاچاري. تاڪيد. لاچار.
سَتِي، ص (سن) سَت واري (عورت). عصمت واري. پرهيزگار- نيڪ. هندن جي رسم موجب مڙس جي لاش سان گڏ پاڻ کي ساڙي مارڻ واري عورت.
سَتِي، ث. ننڍي سِپَ جو هڪ پڙ (جيڪو دوا وغيره پيارڻ وقت چمچي جو ڪم ڏئي). دوا. پيٽ صاف ڪرڻ لاءِ دوا.
سَتِي وجهڻ، (ٻار کي) دوا پيارڻ. ننڍي هوندي ئي عادت وجهڻ. هير پيدا ڪرڻ.
سَتيا، ث (سن) سگهه. سَچ- سچائي.
سَتيا ٻَڌڻ، دل جهلڻ. همت ڪرڻ.
سَتيا گِرَه، ث (سن) سَچ تي قائم رهڻ واري جدوجهد. ڪنهن ڳالهه مڃائڻ لاءِ ترلو ماري وهڻ.
سَتياناس، ث. تباهي- بربادي.
ستياناس ڪرڻ، خراب ڪرڻ. تباهه ڪرڻ- برباد ڪرڻ. بگاڙڻ.
ستيزه، ذ (ف) فساد- جهيڙو.
سَتيزه ڪار، ص. جهيڙاڪ- فسادي.
سَٿ، ث. جماعت. ٽولي. مجلس- ڪچهري.
سَٿُ، ذ. ٽولو. ڍڳُ- ڍيرُ.
سَٿَرَ، ث. ٽنگ جو گوڏي کان مٿيون حصو- ران- جوٽ.
سٿرا، ذ. هڪ ذات جو نالو.
سٿرائي، ث. صفائي- سُٺائي. آساني- سولائي.
سَٿرَڻ، م. پکيڙڻ- وڇائڻ. سَندرڻ (مٽي، زمين).
سٿرو، ص. صاف. پاڪ. اُجرو. سؤکو- آسان.
سَٿري، ث. ڪانن جي ڍڳي. ٿهي- ڍڳي. دستي (پنن جي).

سَٿڻُ، م. سَٿو ڪرڻ. هڪ ٻئي مٿان رکڻ- ڍڳ ڪرڻ.
سَٿڻَ، ث. چيلهه کان هيٺ ڍڪڻ لاءِ هڪ قسم جي پوشاڪ- سلوار- ڪانچ.
سَٿو، ذ. ڍڳُ- ٿهو- ڪوڙُ. ڍيرُ.
سَٿِي، ث. ڍڳي. ٿهي (ڪاغذن يا نوٽن جي)- بنڊل.
سَٽَ، ث. ڇِڀِي- ڇِڪَ. هٿ يا ٻانهن وغيره عضوي جي ڇِڪَ کان ايذاءُ. نَسَ چڙهي پوڻ کان سُورَ جي سُوڄَ. ڌڪ- چوٽَ. ڇيٽ. نقصان- ٽوٽ. اُڇل. تکي ٻوڙ- چوهه. ٻارَ جو ڪاڪڙو لهڻ يا ڪو عضوو مُڙي پوڻ جو عُذر.
سَٽَ ڏيڻ، ڇِپي ڏيڻ- ڇِڪَ ڏيڻ.
سِٽَ، ث. رِٿَ- تجويز. صلاح. سازش- منصوبو. (ع. سطر) هڪ قطار ۾ لفظن جي تحرير. سُرڪَ- ڍُڪُ. ٽورو ڍُڪ.
سِٽَ سِٽڻ، تجويز ڪرڻ- رٿ ڪرڻ. سازش ڪرڻ- منصوبو ٺاهڻ.
سُٽُ، ذ (سن. سُوتر) تاڳو. تاڳن جو مُچو. سُٽ جي تند جو ويڙهو.
سُٽ مُنجهڻ، مسئلو منجهي پوڻ. ڳالهه ڏکي ٿيڻ. ڪو معاملو حل نه ٿيڻ.
سِٽا. سِٽاءُ، ث. رٿ- ٻَڌُ- تجويز. ترتيب. جوڙجڪ- بندوبست.
سَٽا سَٽَ، ظ. هڪ ٻئي پويان لاڳيتا ڌڪ.
سَٽائو، ص. سخت- ڏاڍو. زورپريو- ڪرارو. جاڏو- مضبوط.
سَٽائڻُ، م. ڪُٽائڻ. پِچَ ڪيائڻ. مار ڪيائڻ.
سَٽِجَڻُ، م. ڪُٽجڻ.
سَٽَرُ وَٽَرُ، ص. ٿلهو متارو- ڏٽو مٽو (ماڻهو).

سگھارو. جانٺو. تندرست.

سَٽِ سَٽِ؛ ث. زور سان ڌڪن مٿان ڌڪ- ٺھ ٺھ.

سَٽَ ڪُٽَ؛ ث. مارڪُٽ. ڀال سان هڪ ٻئي کي سٽن جي ڀارائي راند.

سَٽِڪارُ؛ ذ. سٽڻ (لڪڻ وغيره سان) جو آواز. ٺھڪو.

سَٽِڪو؛ ذ. ٺھڪو (ڌڪ جو). سَٽ ڪُٽ. لاڳيتا ڌڪَ. ڌڪن جو آواز. مِينهن جو زوردار وسڪارو.

سَٽڪو ڪرڻ؛ هڪ ٻئي مٿان لاڳيتا ڌڪ هڻڻ. وارو وار ڪرڻ.

سَٽَلُ؛ ذ. ٺاهہ. رٿ- تجويز. منصوبو- سازش. بندوبست. ڏي وٺ واري معاهدي مطابق سَوُدو (واپار).

سَٽَڻُ؛ م. اُڇلڻ- ٿِٽو ڪرڻ. ڪيرائڻ. دسڻ. ڪپهہ. اُن وغيره کي لڪُڻ يا ڇَهي سان سٽي صاف ڪرڻ. ڀڃ ڏيڻ. ڪُٽڻ. ڌوٿڻ (ڪپڙا). شڪار لاءِ جهنگ ۾ چانيو هڻي پکي يا جانور اُٿارڻ.

سِٽَڻُ؛ م. تجويز ڪرڻ- رٿڻ. سازش ڪرڻ. پَهہ ڪرڻ. جوڙڻ.

سَٽو؛ ذ. ٻول جو سوُدو. پيشگي واپار. داءُ- ٻولُ. واپار جو سوُدو. مٽاسٽا.

سَٽوڙِي؛ ص. سَٽا هڻندڙ. ٻول جا سوُدا ڪندڙ. سٽي باز.

سَٽي بازُ؛ ص. پيداواري شرط لڳائيندڙ. ٻول جو واپار ڪندڙ.

سَٽي بازِي؛ ث. ٻول جو واپار. اڳوات سوُدي بازي. شرط.

سِٽو؛ ذ. سَنگُ (پوک جو)- خوشو.

سِٽِي؛ ث (انگ) شهر. وڏو شهر.

سَٺِ؛ ص. هڪ عدد (٦٠).

سِٺِ؛ ث. هَجَو- گِلا- نِندا- ڪُوار.

سُٺائِي؛ ث. پاڪائي. صفائي. عمدگي. سهڻائي چڱائي- خوبي.

سَٺِڙِيا؛ ذ. سارين (چانورن) جو هڪ قسم (جيڪي سٺ ڏينهن ۾ لهن).

سِٺڻُ؛ م. نِندڻ. ڇُٺ ڪرڻ. خوار ڪرڻ.

سِٺو؛ ذ. گار. پِٽ- پاراتو. مهٺو- طعنو.

سَٺو؛ ذ. بهانو- سانگو. موقعو. بندوبست.

سُٺو؛ ص. عمدو- اعليٰ. اوچو. وڻندڙ. نج- خالص.

سَپُ؛ ذ (سن. سَرپ) نانگ- بلا- مارُ.

سِپَ؛ ث. هڪ قسم جو آبي جيت (جنهن ۾ موتي پيدا ٿين)- ڀِپُڙي- صدف.

سُپُ؛ ذ. ڇَڄُ (اَنُ واٽرڻ جو).

سَپاٽو؛ ذ. هڪ قسم جي زناني جُتي.

سُپارَڻُ؛ م. حوالي ڪرڻ- سپرد ڪرڻ- سؤنپڻ .

سِپاس؛ ذ (ف) تعريف- واکاڻ. احسانمندي جو اظهار- شڪرگذاري.

سِپاس گذار؛ ص. شڪرگذار- ٿورائتو.

سِپاس نامو؛ ذ. شڪرگذاري ميڻ لاءِ تحرير.

سِپاهَ (ث)، سِپاهُ؛ ذ (ف) لشڪر- فوج- سپاهي.

سپاهگيرِي؛ ث. فوجي فرض ادائي. فوجي ڪم. نوڪري. خدمت.

سِپاهِي؛ ص. سِپاه جو فرد. فوجي. پوليس وارو. نوڪر. خدمتگار.

سُپَتَ؛ ث. سچائي. ايمانداري

سُپَتيو؛ ص. سچو. ايماندار. ڪاريت وارو (وهنوار ۾). ڪاروهنوار ۾ سچو.

سَپِجَڻُ؛ جمڻ- ڄاپڻ. خلقجڻ. پيدا ٿيڻ.

سِپَرَ؛ ث (ف) ڍال- ڪيڙي (جنگي هٿيار). آڏ- روڪ.

سِپرآندازِي، ث. جنگ ۾ ڍال اُڇلي هار مڃڻ جي حالت- شڪست.

سُپُرد، سُپُرده، ص (ف) قبضي ۾ ڏنل- حوالي ڪيل. هٿ ۾ ڏنل.

سُپرد ڪرڻ، حوالي ڪرڻ. هٿ ۾ ڏيڻ. سؤنپڻ.

سُپردگِي، ث. تحويل. حوالي ڪرڻ جو عمل.

سُپرنٽينڊنٽُ، ذ (انگ) انتظام رکندڙ- ناظم.

سُپروائيزرُ، ذ (انگ) نگران. ناظم.

سُپِرين، ص (سن) پِرين- پيارو. دوست. محبوب.

سَپَڙُ، ذ. لس بيلي جي مشهور سخي سردار جو نالو. سخي سردار.

سَپَڪُ، ص. چڱيءَ طرح پڪل.

سِپَنجُ، ذ. ربڙ مان ٺهيل سوراخدار ڪَڪَرُ.

سَپنو، سُپنو، ذ. خواب- رُويا.

سَپُوتُ، ذ (سن. سُ پُتر) صالح پُٽ- چڱيوان پُٽ. تابعدار پُٽ. سلڇڻو پُٽ.

سَپُورَنجُ، ص. سمجهُو- ڏاهو. سلجهيل ذهن وارو- سياڻو.

سِپَهه، ز (ف) فوج- لشڪر- سپاهه.

سِپَهگِيري، ث. "سپاهي" جو پيشو.

سپهه سالارُ، ص. فوج جو اڳواڻ- سيناپتي.

سِپَهه گِيري، ث. فوجي نوڪري- سپاهي جو پيشو.

سِپَهر، ذ (ف) ڏينهن جو ٽيو پهر- ٽه پَهرِي.

سِپِي، ث. ننڍي سِپَ. سِپَ جو هڪڙو پڙُ.

سُپيد، ص (ف) سفيد- اڇو.

سُپيدي، ث. سفيدي- اڇاڻ.

سُپيدَه، ذ (ف) پره ڦٽيءَ جي اڇاڻ. اڇو رنگ. اڇو پائوڊر.

سِجُ، ذ. سورج- آفتاب- آڏِتُ.

سِجُ اُڀرڻي، ظ. سج اُڀرڻ وقت- صبح جو سويل. صبح جي مهل.

سِجُ لٿي، ظ. سج لهڻ جي مهل- نماشام.

سِجُ گِرهَڻُ، ذ. ڌرتيءَ ۽ سج جي وچ ۾ چنڊ اچڻ ڪري سج لڪي وڃڻ- ڪسوف.

سِجاتو، ذ. وڻ يا ٻُٽيءَ جا تاندورا. ٻُٽي مان ٺهيل نوڙي.

سَجاد، ص (ع) سجدو ڪندڙ.

سَجادَه، ذ (ع) مُصلو. بزرگ جي مسند. درويش جي گادي.

سَجادَه نشين، ص. ڪنهن بزرگ جي گاديءَ تي ويٺل.

سُجاڳُ، ص. ننڊ مان جاڳيل. جاڳيل- بيدار. هوشيار- باخبر. چؤڪس.

سُجاڳائي، ث. سجاڳي- بيداري. خبرداري.

سجاڳ ٿيڻ، اُٿڻ (ننڊ مان). خبردار ٿيڻ. بيدار ٿيڻ. جاڳڻ.

سجاڳ ڪرڻ، جاڳائڻ (ننڊ مان). خبردار ڪرڻ. بيدار ڪرڻ. اڳواٽ آگاه ڪرڻ.

سجاڳي، ث. جاڳ (ننڊ مان)- بيداري. خبرداري. هوشياري.

سُجاڻُ، ص. سمجهو- ڄاڻو. سياڻو- عاقل- داناءُ. عالم.

سَجاوَٽ، ث. ڏيکاءُ- سينگار. ٺاهه ٺوهه- آراستگي.

سِجاوَلُ، ذ. ٺٽي ضلعي ۾ هڪ تعلقي ۽ شهر جو نالو. مرد جو نالو.

سَجائِڻُ، م. سينگارڻ- آرائش ڪرڻ. رونق وڌائڻ.

سَجايو، ص. مناسب هنڌ تي. چڱيءَ جاءِ تي. موزون- مَناسب. فائدي وارو. ڪمائتو.(ث. سَجائِي)

سَجدو، سِجدو، ذ (ع. سجده) زمين تي مٿو ٽيڪڻ.

نماز ۾ زمين تي پيشاني رکڻ.

سجدو ڪرڻ؛ سِر نوائڻ- متو ٽيڪڻ. امر مڃڻ.

سَجده گاهه؛ ذ. سجدو ڪرڻ جي جاءِ. نماز جو هنڌ. مسجد.

سَجَعَ؛ ث (ع) پکين جي لات. بن جملن جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ جهڙن لفظن وارو نثر. نثر مقفيٰ.

سَجهَڪو؛ ص. سجهاڻو.

سِجِل؛ ص. سهڻي. نفيس- نازڪ (ڇوڪري).

سَجَڻُ؛ م (سن) سينگارجڻ.

سَجُودُ؛ ذ (ع) سجدو.

سَجوڙي؛ ث. سڻائي- سوڀ. عافيت. سهڻي گذجالي.

سَجِي؛ ث. لائيءَ جي ڪار (ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ ديسي ڪار). ٽانڊن جي باهه تي پچايل ٻڪر يا دنبي جو گوشت. بلوچڪي معاشري جو خاص طعام.

سِجُ؛ ذ. سِجُ- آفتاب.

سُجاڻُ؛ ص. سمجهو- عقلمند- ڏاهو. خبردار- هوشيار. چالُو.

سُجائڻُ؛ م. سوڄ ڪرائڻ. (ڪاوڙ ۾) مُنهن چاڙهڻ. ٻوڪڻ (ناراضگي ۾). ڏاڍي مار ڪڏي بدن تي سوڄ چاڙهڻ.

سُجائي؛ ث. سالميت. بينائي (اکين جي). سُڄيتائي (دل جي).

سَجَرُ؛ ص. تازو (ڪاٺو، پالي وغيره).

سَجَڻُ؛ ص (سن. سجن) خيرخواهه. ڀلائي چاهيندڙ. همدرد. دوست- يار. محبوب- پرين.

سجڻائي، سجڻپائي؛ ث. خيرخواهي- ڀلائي- گهڻگهرائي.

سُڄَڻُ؛ م. سوڄ چڙهڻ سبب ٻوڪجڻ (عضوو. سنڌ. وغيره)- آماسجڻ. ٿوٿرجڻ. ڦُندجڻ. ٿُلهو ٿيڻ. ٻوڪجڻ. اَپامجڻ. ناراض ٿيڻ. ٻُڏجڻ- سُڄڻ.

سَجو؛ ص. پُورو- ثابت- مڪمل. ساڄو- سائو (هٿ، پاسو). نظر وارو- سالم (اکين وارو). (ث. سجي).

سَجي؛ ث. ڀلائي- خيرخواهي. فائدو.

سَجي ۾ هئڻ؛ ڀلائي ۾ هئڻ. ڀلو چاهڻ- فائدي ۾ هئڻ.

سَجهُر؛ ذ. وجهه- موقعو. وارو- داءُ- ٻُل. بهانو- اٽڪل.

سَجهاڻو؛ ص. مهلائتو- وقتائتو. پُوري مهل تي.

سُجهاڪو، سُجهاڳو؛ ذ. فجر يا نما شام جو وقت (جنهن ۾ سوجهرو گهٽ هوندو آهي).

سَجهائڻُ؛ م. ڪومائڻ- بي رونق ڪرڻ. اُجهائڻ. ڳارڻ- جهورڻ. بيوس ڪرڻ- هيڻو ڪرڻ.

سِجهائڻُ؛ م. ڏيکارڻ- واقف ڪرڻ- سمجهائڻ. محسوس ڪرائڻ.

سُجهَندو؛ ذ. سوجهرو- اُهاءُ. فجر جي وقت جي روشني. (ظ) سوير.

سِجَهڻُ؛ م. ڪُومائڻ- بي رونق ٿيڻ. هيڻو ٿيڻ. اُجهامڻ- وسامڻ. ڳرڻ (جسم). جوش ۾ رجهڻ. پڄڻ.

سُجهَڻُ؛ م. معلوم هجڻ- خبر هجڻ. مُرڻ (دل ۾)- ڀانئڻ. محسوس ڪرڻ.

سَجَ؛ ث. نشاندهي- ڏس پتو- اشارو. نشاني بازي. آگر جي اشاري سان ڏسَ.

سُجَ؛ ث. ويراني- ڀينگ. تباهي. رڻ- صحرا. غيرآباد زمين. پڙانگ.

سُجَ ڪرڻ؛ ڀينگ ڪرڻ. ناس ڪرڻ. ڪُٺائڻ- ڪپائڻ.

سُڃاڻپ؛ م. شناخت ٿيڻ- سڃاڻجڻ. اهڃاڻ مان

معلوم ٿيڻ.

سُڃاڻَ؛ ث. واقفيت- پَڇاڻ- ڏيٺ. ملاقات.

سُڃاڻُ؛ ص. واقف- شناس- سُڃاڻُو.

سُڃاڻپَ؛ ث. ڄاڻ سڃاڻ- ڏيٺ ويٺ- واقفيت- شناسائي.

سُڃاڻَڻُ؛ م. ڄاڻڻ- شناس ڪرڻ. پرکڻ. واقف هئڻ. لحاظ ڪرڻ- مروت ڪرڻ. قدرشناسي.

سُڃاڻُو؛ ص. ڄاتل سڃاتل- واقف- شناسو.

سُڃائِي؛ ث. پينگ- مفلسي- ڪنگاليٺو. ڪُنگائي- محتاجي.

سَڃَڻُ؛ م. اشاري سان ڏيکارڻ- نشاندهي ڪرڻ. اکين سان تکڻ. نظربازي ڪرڻ. چِست بڌڻ- نشان چٽڻ. نشانو ڪرڻ. هٿڻ لاءِ اُلارڻ- سڌي ڪرڻ (تلوار).

سُڃو؛ ص. اجاڙ- ويرانِ- پڙ پانگ. غيرآباد. برباد- تباه. ڪنل- ڪنگال. مسڪين.

سَچ؛ ذ (سن. سَت) راستي- صدق. حق. (ص) درست- صحيح. (ظ) واقعي- درحقيقت. بلورن راند ۾ مرڪزي گِلُ.

سَچارُ؛ ص. سچ ڳالهائيندڙ- راست گو. ايماندار. سُپيتو.

سَچائِي؛ ث. صداقت- راستي- سچ. ايمانداري.

سَچ پَچُ؛ ظ. سچائيءَ سان- حقيقت ۾.

سُچَرُ؛ ص. ڍڙ تي ڪاٺيندڙ (جانور، وهٽ).

سَچو؛ ص. راست گو- صادق. اصلي- کرو- نج. ايماندار. درست- صحيح. (ث. سچي)

سَچِي؛ ث. سچ. سچو واقعو يا ڳالهه.

سَچي ڪرڻ؛ ٻاسڻ- قبولڻ (اقرار ڪرڻ).

سُچيتُ؛ ص (سن) هوشيار- ڏاهو- عقلمند. داناءُ. آگاه- خبردار. ڳڻ ڳوت ڪندڙ- دورانديش.

سُچيتائِي؛ ث. خبرداري- هوشياري. ڏاهپ. هوشمندي.

سَحابُ؛ ذ (ع) ڪڪر- بادل.

سَحَر؛ ث (ع) پره ڦٽي- اسُر. فجر.

سحرگاه؛ ظ. علي الصبح- پره ڦٽي سان.

سِحرُ؛ ذ (ع) جادو- افسون- طلسم. ٽوڻو.

سِحر آگين؛ ص. جادو سان ڀريل.

سِحر آميز؛ ص. جادو وارو. جادو لڳل.

سِحر بَيان؛ ص. تقرير يا گفتگو ۾ جادو پيدا ڪندڙ. فصيح- بليغ.

سَحَرِي؛ ث (ع) روزي رکڻ لاءِ اسُر جو کاڌو.

سَخا؛ ث (ع) فياضي- بخشش- دريا دلي. دانُ- خيرات.

سَخاوَتَ؛ ث. سخا- بخشش. خيرات. دريادلي.

سَخت؛ ص (ف) ڏاڍو. مضبوط. پڪو. ڏکيو- اهنجو. شديد. بخيل. (ظ) بيحد.

سَخت جانِ؛ ص. سنگدل. بيرحم. جفاڪش- محنتي.

سخت دل؛ ص. سنگدل- بيرحم.

سخت گِيرُ؛ ص. ظالم- ڪٺور. معمولي ڏوهه تي به وڏي سزا ڏيندڙ.

سخت مِزاج؛ ص. چيڙاڪ.

سَختِي؛ ث (ف) ڏاڍائي. مصيبت- تڪليف.

سختي ڪرڻ؛ ڏاڍائي ڪرڻ. جبر ڪرڻ. سزا ڏيڻ. تڪليف ڏيڻ.

سُخُن؛ ذ (ف) لفظ. جملو. شعر. مقولو. گفتو- ڳالهه ٻولهه. قول- واعدو- انجام. سُنهن- قسم.

سُخن ڪرڻ؛ قول ڪرڻ- قسم کڻڻ.

سُخن آفرين؛ ص (ف) شيرين زبان- فصيح. شاعر.

سُخُندانِ؛ ص (ف) فصيح ۽ بليغ. شاعر. مقرر. عالم. سخن فهم.

سُخُن سَنج؛ ص (ف) شاعر.

سخن سَنجي؛ ث. شاعري.
سُخُن طَراز؛ (ف) شاعر.
سخن طرازي؛ ث. شاعري.
سُخَن فَهمُ؛ ص (ف) سُخن کي سمجهندڙ. گفتي يا قول جو قدردان. شاعر.
سخن فهمي؛ ث. شعر يا تقرير کي سمجهڻ.
سخنگوئي؛ ث (ف) شاعري. فصاحت بلاغت.
سخنورُ؛ ص (ف) قول پورو ڪندڙ. شاعر.
سخنوري؛ ث. شاعري.
سَخِي؛ ص (ع) فياض- دريا دل. ڏاتار.
سَدُ؛ ث (ع) روڪ. ديوار. بَندُ. بَمند
سدباب؛ ذ. قطعي ممانعت. روڪ- بندش.
سَدراهَ؛ ث. رستي جي روڪ. رنڊڪ- اَڙ.
سَدا؛ ظ (سن) هميشه- دام- دائم- سدائين.
سدابهار؛ ص. هميشه سرسبز. هڪ قسم جو گل.
سَدا سُهاڳڻ؛ ث (دعائيہ جملو) جنهن جو مڙس هميشه جيئرو رهي. سُهاڳڻ.
سَدا گُلابُ؛ ذ. گلاب جي ٻوٽي ۽ گُلن جو هڪ قسم.
سِدرَهُ؛ ذ (ع) هڪ قسم جو وڻ.
سِدرَة المُنتهيٰ؛ ذ. مٿي (آسماني تي) هڪ آخري وڻ (جنهن کان اڳتي جبرئيل وڃي نٿو سگهي).
سِدڪارَ؛ ث. هڪ بارانئي بيماري (جيڪا سٿ کائڻ جي مٿان پاڻي پيئڻ کان ٿئي. اُن جو علاج 'ساٽ' سان ٿئي).
سَدورو؛ ص. ڀاڳ وارو- ڀاڳ ڀريو- خوش نصيب. سلڇڻو. (ث. سَدوري)
سَڌَ؛ ث. خواهش- آرزو- تمنا. شوق- چاهہ. دل جي مراد. حرص- طمع- لالچ.

سَڌ ڪرڻ؛ خواهش ڪرڻ. مرضي ٿيڻ. حرص ڪرڻ.
سِڌِ؛ ص (سن) پورو- ختم- مڪمل- سالم. درست. حاصل.
سِڌ ڪرڻ؛ حاصل ڪرڻ (مقصد).
سِڌِ؛ ث. سِڌائي- سنوت.
سُڌِ؛ ث. خبر. ڄاڻ. آگاهي. هوش. خيال- ڌيان.
سُڌ رکڻ؛ خبر رکڻ- ڄاڻ رکڻ. هوش ڪرڻ. سنڀال ڪرڻ.
سُڌُ؛ ذ. گوشت جي مُشڪ. پيچش وغيره ۾ نڪتل آنڊن جي غلاظت- ٻور.
سُڌارُ؛ ص. سڌاريندڙ- ٺاهيندڙ. صفاتي پڇاڙي طور ڪم ايندڙ لفظ (ڳوٺ سڌارَ وغيره).
سُڌارَڪُ؛ ص. سڌارو ڪندڙ. مصلح.
سِڌارَڻُ؛ م. روانو ٿيڻ- وڃڻ. مري وڃڻ.
سُڌارَڻُ؛ م. درست ڪرڻ- نيڪ ڪرڻ. اصلاح ڪرڻ. سيکارڻ. سنوارڻ.
سُڌارو؛ ذ. درستي. ٺاهپ. ترقي- واڌارو. اصلاح.
سِڌانت؛ ذ (سن) اصول- مَتو.
سَڌائتو؛ ص. سَڌون ڪندڙ. خواهشمند. (ث. سڌائتي).
سَڌائڻُ؛ م. سَڌ ڪرڻ. خواهش ڪرڻ. اُتساهڻ.
سِڌائي؛ ث. سَنوت. همواري.
سُڌِ ٻُڌِ؛ ث. سمجهہ- هوش. خبرچار. خبرگيري. عقل. تميز. واقفيت. سنڀالَ.
سَڌَرُ؛ ص. پختو. مڪيہ. جبر- ڏاڍو. سکيو- دولتمند- ٽونگر.
سُڌرڻُ؛ م. درست ٿيڻ- صحيح ٿيڻ. ترقي ڪرڻ. مهذب ٿيڻ.
سُڌريلُ؛ ص. درست ٿيل. سنواريل. واڌارو ڪيل.

سنئين راه تي. نيڪ. سلڇڻو.

سِڌو؛ ظ. سنئون- هموار، سامهون- مقابل، صاف- ٽڙ- نيڪ، ايماندار- نيڪ، اُڀو بيٺل.

سِڌو سادو؛ ص. سنئون سنواٽو، سادو سُودو، ڀالو ڀولو.

سِڌو ڪرڻ؛ سنئون ڪرڻ، هموار ڪرڻ، سندرڻ (پَٽُ، زمين). سنئين راه تي آڻڻ، سيکت ڏيڻ.

سِڌو هلڻ؛ سنئون هلڻ، نيڪ نيتي اختيار ڪرڻ، سچائي سان هلڻ.

سِڌي؛ ث. سنئين- درست، سنوت واري.

سِڌي طرح؛ ظ. فضيلت سان، شرافت سان، سولي طرح.

سِڌيون ٻڌائڻ؛ صاف چٽي ڏيڻ، ڪُتا جواب ڏيڻ، مُنهن تي جواب ڏيڻ، سچ ٻڌائڻ، گهٽ وڌ ڳالهائڻ.

سُڌيرُ؛ ص. هوشيار- سجاڳ، بردبار، عقلمند- ڏاهو، سامت ۾ آيل.

سَڏُ؛ ذ. سڏڻ لاءِ آواز- پُڪار، دعوت- نيڊ- ڪوٺ.

سَڏُ پنڌُ؛ ذ. سڏ جي آواز رسڻ جيترو مفاصلو (عام طرح اڌ ميل کن جو مفاصلو).

سَڏُ ڏيڻ؛ شادي مرادي وغيره جي موقعي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ دعوت ڏيڻ.

سَڏُ سُلو؛ ذ. هڪل هُوڙ- ڪم ڪار.

سَڏائِڻُ؛ م. ڪوٺائڻ- گهُرائڻ، چوائڻ.

سَڏجَڻُ؛ م. ڪوٺ ٿيڻ، مشهور ٿيڻ.

سَڏڪَڻُ؛ م. سڏڪا ڀري روئڻ، ٿڌا ساه ڀري روئڻ- ڏُسڪڻ.

سُڏڪو؛ ذ. روئڻ ۾ هڏڪوئي وانگر آواز (ٿڌا ساه ڀرڻ ڪري).

سُڏڪا ڀرڻ؛ روئڻ، تمام گهڻو روئڻ.

سَڏڻُ، سَڏِڻُ؛ م. سڏ ڪرڻ- پڪارڻ، آواز ڏيڻ، طلب ڪرڻ- گهُرائڻ، دعوت ڏيڻ- ڪوٺڻ.

سُڌيتُ؛ ص. صحيح- درست، سچو، پُورو- برابر.

سَڊولُ، سُڊولُ؛ ص. سُهڻي گهاڙيٽي وارو- ڊولائتو، موزون هاٺي وارو، سُهڻو- خوبصورت.

سَرُ؛ ذ (انگ) جناب- حضور- سائين، اُهو پتو جيڪو پيس ڪوٽ راند ۾ ڪٽي وڃي.

سَرُ؛ ذ. هڪ قسم جو ٻوٽو جنهن جا ڪانا پکن وغيره ٺاهڻ ۾ ڪم اچن ۽ گاه مان نوڙيون ٺاهين.

سَرُ؛ ذ (ف) سِرُ- مٿو، چوٽي، مُنڍ.

سَرُ؛ ذ (سن) تلاءُ، ڍنڍ، تيرُ. سَرَ جي ٻوٽي جو ڪانو، هڪ قسم جو ٻوٽو (جنهن جا ڪانا ۽ گاهه پکن ٺاهڻ ۾ ڪم اچن).

سَرِ؛ ث. لڙهي- قطار، موتين مڻڪن وغيره جي لڙهي.

سِرَ؛ ث. چيڪي مٽيءَ مان ٺهيل چوڪور ٽُڪر (جيڪا ڪچي يا پڪل، جاين ٺاهڻ يا اوساري ۾ ڪم اچي)- خشت (ف)

سِرُ؛ ذ (ع) راز- ڀيد- ڳجهه.

سِرُ؛ ذ (ف. سَر) مٿو، دماغ، مُنڍ، چوٽي.

سِرَ تي؛ ظ. مٿي تي، مٿان، ذمي.

سِرَ تي اچڻ؛ مٿي تي اچڻ، ذميداري پوڻ.

سِرَ تي چڙهڻ؛ مٿي تي اچڻ، مٿان پوڻ، گستاخ ٿيڻ.

سِر توڙ؛ ظ. تمام گهڻي (ڪوشش، محنت).

سِر جهڪائڻ؛ مٿو نمائڻ- ڪنڌ جهڪائڻ، آڏ ميڙڻ، تعظيم ڪرڻ، شرمسار ٿيڻ، احسانمند ٿيڻ.

سِرَ ڏيڻ؛ جان ڏيڻ- قربان ٿيڻ.

سِرَ سان؛ ظ. جان سان- ساهه سان.

سِر صدقو ڪرڻ؛ جان قربان ڪرڻ.

سِر ڪاٽڻ؛ مٿو ڪاٽڻ، هُل ڪرڻ، گوڙ ڪرڻ، ٻڪ

بک ڪرڻ.

سِر کَپائڻ، مغز ماري ڪرڻ- متو هڻڻ، ڏاڍي ڪوشش ڪرڻ.

سُرُ، ذ (سن) آواز. راڳ جي بنيادي ستن آوازن مان ڪو به هڪ آواز (سا- ري- گا- ما- پا- ڌا- ني). راڳ. راڳڻي. ڌُن- لئي. آواز جي رمز- اشارو.

سُر مِلائڻ، ها ۾ ها ڪرڻ- تائيد ڪرڻ.

سَرآبُ، ذ (ع) وارياسي زمين جو اُس ۾ چمڪو. رُڃ. دوکو- فريب. رُڃ جو ڏيکاءُ.

سَراپُ، ذ. پاراتو- پِٽَ- بددعا.

سَراپا، ظ (ف) متي کان پيرن تائين. ننهن کان چوٽيءَ تائين. ڪُل- سڀ.

سِراجُ، ذ (ع) ڏيو- چراغ. سجُ.

سَراڌ، ذ (سن. شراڌ) هندن ۾ مُئي جي ماني ڪرڻ واري رسم.

سِراڙو، ذ. وِڪَ- ٻرانگهه. گهوڙي جي هڪ چالَ- تمام تيز ڊوڙ- سر ميدان.

سِراڙو ڪڍائڻ، تيز ڀڄائڻ. ڊوڙائڻ. هڪالي ڪڍڻ.

سَراڙُ، ص. چمڙي تي سون چاندي جو پرت ڪندڙ (عموما گهوڙن يا اُٺن جي سنجن ۽ جُتين تي).

سَراسَر، ظ (ف) هِن ڇيڙي کان هُن ڇيڙي تائين. سمورو- ڪُل- سڀ.

سَراسَري، ث (ف) هڪجهڙائي وارو تخمينو- اَوسَط. رياضي جي اصطلاح ۾ ڪن گهٽ وڌ عددن مان هڪ جهڙي ورڇ.

سَراسِيمه، ص (ف) حيران- پريشان. گهٻرايل- واٽرو. هڪو ٻڪو.

سَراسِيمَگي، ث (ف) پريشاني- گهٻراهٽ. بدحواسي.

سُراغُ، ذ (ف) اهڃاڻ- نشان. نڪاٿو- هنڌ. پيرو. ڳولا- جانچ.

سُراغ رَسانُ، ص. ڳولا ڪندڙ. جانچ ڪندڙ. جاسوس.

سُراغ رَسائِي، ث. ڳولا- تلاش. جاسوسي.

سَرانجامُ، ذ (ف) نتيجو- اختتام. تڪميل. انتظام- بندوبست.

سَرانجامِي، ث. تڪميل. بندوبست.

سَرانديپُ، ذ. سونو ٻيٽ. سري لنڪا- لنڪا.

سِراڻِ، ث (ف. سان) هٿيار يا اوزار تکا ڪندڙ پٿر.

سِراڻِ تي چاڙهڻ، تکو ڪرڻ- تيز ڪرڻ.

سِراڻي، ص. سِراڻ تي چاڙهيندڙ. اوزار يا هٿيار سراڻ تي تکا ڪندڙ- صيقلگر.

سِراڻو، سِرهاڻو، ذ. وِهاڻو- تڪيو.

سَراهِي، ث. سَرهائي- خوشي.

سَراءِ، ث (ف. سَرا) گهر- مڪان. مسافرخانو.

سِرائڪي، ث. هڪ ٻولي جو نالو.

سَرائِي، ث. تاڻوءَ جي سنهي سيخ. اکين ۾ سُرمي وجهڻ جي تار. پينگهي جي گهوڙين کي جهلڻ لاءِ وچ واري ڪاٺي. گاڏي جي ڦيٿن جي وچ ۾ پيل لوهي لٺَ.

سِرائِي، ص. "سِري" جو رهاڪو. هڪ ذات جو نالو. راڄ جو چڱو مڙس.

سَرايَتَ، ث (ع) رچاءُ- تاثير. بدن ۾ اثر پيهي وڃڻ جي حالت.

سَرايَت ڪرڻ، رچڻ. جذب ٿيڻ. هڪ شي ۾ ملي وڃڻ.

سَرِ بازار، ظ (ف) کليو ڪلايو- پڌري پٽ- ظاهر ظهور- علي الاعلان.

سَرِبَراه، ص (ف) منتظر- اڳواڻ.
سَرِبَراهي، ث. انتظام- بندوبست.
سَرِبَراهي ڪرڻ، اڳواڻي ڪرڻ. بندوبست ڪرڻ.
جوڙجڪ ڪرڻ.
سَربستہ، سَربستو، ص (ف) لڪل- ڳجهو-
مخفي. ٻوٽيل- بند. سمورو- مڪمل- سڄو.
سَربَسر، ظ (ف) جملي- ڪُل- سڀ.
سَر بصحرا، ص (ف) چريو- ديوانو. رولُو.
سَربگريبان، ص (ف) فڪر ۾- سوچ ۾. ڳڻتيءَ
۾- پريشان.
سَربلند، ص (ف) مٿانهون- اعليٰ- اوچو. معزز.
سَر بُلندي، ث. عزت- حُرمت. فخر.
سَربمُهر، ص (ف) مُهر سان بند ٿيل- سيل مهر. ٻوڃ
ڏنل (بوتل).
سِرپَيدا، ص. سِرون ناهيندڙ- سِرون وجهندڙ.
سُر پاٽ، ذ. آهستي ڳالهاءِ. ڀُڻڪو. ڪَن جي ڳالهہ.
ڀُڻ ڀُڻ.
سُرپُڙ، ث. آهستي ڳالهاءِ- سُر پاٽ- سُس ڦُس.
سُر پُڙ ڪرڻ، سُس ڦُس ڪرڻ. آهستي ڳالهائڻ.
ڪن جون ڳالهيون ڪرڻ.
سُرت، ث (سن) يادگيري. سُڌ. حافظو- چيتو.
خيال- ڌيان. عقل. خبرداري- احتياط.
سُرت ۾ اچڻ، هوش ۾ اچڻ.
سَرتابي، ث (ف) حڪم عدولي- سرڪشي-
نافرماني. بغاوت.
سَرتاپا، ظ (ف) مٿي کان پيرن تائين.
سَرتاج، ذ (ف) مٿي جو ڇٽ- مٿي جو موڙ. اڳواڻ-
سربراه. مڙس- گهروارو- خاوند.
سَرتو، ص. هڪ جيڏو (عمر ۾)- هم عمر.
دوست- يار.
سُرتيو، ص. سرت وارو. سمجهو. خبردار.
سُرتي، ث. موسيقي جو هڪ اصطلاح.
سُرَٽ، ذ. اک ۾ پيل ڪک، تهہ وغيره جو ذرو-
ڪَٽُر. سُٽ مان نهيل ڳوڙهي وانگر پيڙو (صدري وغيره
۾). (ص) وٽيڪ سگهو.
سِرٽي، ث. ٻاجهر يا جوئر جو سنهون سَنگ.
سَرٽيفڪيٽ، ذ (انگ) تصديق. سَنَد. پروانو.
تعريفي لکيت.
سُر ڦُڙ، ث. چور ڦچور. ريزهہ- ڪِسڪَ. چُرڻ پرڻ.
سَرپَرست، ص (ف) سنڀاليندڙ. وڏو- مربي.
سَرپَرستي، ث. نگراني- نظرداري. اڳواڻي.
سَرپَنچ، ذ. وڏو پنچ- مکي.
سَرجَن، ذ (انگ) جراح. جراحي ڪندڙ ڊاڪٽر.
سِرجَڻ، م (سن. سُرجن) پيدا ٿيڻ- جمڻ. اُپجڻ.
نپجڻ. اُسرڻ. اُپڙڻ. جمڻ.
سِرجَڻهار، ص. خالق- ناهيندڙ. پيدا ڪندڙ. اُپائڻهار-
خداتعاليٰ.
سُرجَڻ، م. جيتن کان ڪاڇڻ (ڪاٺي، ڪپڙو وغيره).
سَرجوش، ص (ف) اُتساهہ سان ڪوشش ڪندڙ-
اورچ. محنتي.
سَرجوشي، ث. ڪوشش. محنت. جاکوڙ. اورچائي.
سُرجيت، ص. سجاڳ- بيدار. هوش ۾ آيل. سُرتيو.
سُرجيتائي، ث. سجاڳي- هوشياري- خبرداري.
هوش.
سُرجهَڻ، م. سمجهڻ- ڄاڻڻ- آگاهہ ٿيڻ.
سَرچاءِ، ذ. ٺاهہ- صلح- پرچاءُ.
سرچاءِ ڪرڻ، ٺاهہ ڪرڻ- راضي ناموَ ڪرڻ.
سَرچائڻ، م. پرچائڻ- ريجهائڻ. راضي ڪرڻ.

پريائڻ- وندرائڻ.

سَرِچَڻُ؛ م. پرچڻ- ريجهڻ- راضي ٿيڻ. پريڻ- وندرڻ.

سَرِچو؛ ص. سائو- آباد- سرسبز. سٺائو- سَولو. (ٿ. سَرِچي).

سَرحالُ؛ ص. ريٽل- پرتل. ڀاڳيو- ڀاڳ وارو. آسودو- خوشحال.

سَرحَدَ؛ ٿ. دنگ- چيڙو- سندو. حَدَ.

سُرخُ؛ ص (ف) ڳاڙهو- لال.

سُرخابُ؛ ذ (ف) هڪ قسم جو آبي پکي. سرخو گهوڙو.

سُرخُرو؛ ص (ف) خوشيءَ کان ٻهڪندڙ چهري وارو. ڪامياب- سوڀارو. خوش. عزتمند.

سُرخروئي؛ ٿ. عزت- آبرو. ڪاميابي.

سُرخو؛ ذ. گهوڙي جو هڪ رنگ. (ص) ڳاڙهو.

سُرخي؛ ٿ. ڳاڙهاڻ- لالي. چپن کي هڻڻ جي ڳاڙهاڻ (عورتن جي سينگار لاءِ). خبر يا مضمون جو عنوان.

سَرخيلُ؛ ص (ف) سردار- اڳواڻ.

سَرد؛ ص (ف) ٿڌو- ٺَرڪ. لريل. بي رونق.

سردبازاري؛ ٿ. واپار جي ٿڌائي- مَندي.

سردگرمُ؛ ص. ٿڌو ڪوسو. موافق- پورو پنو. ڏک سک.

سَرد مِهر؛ ص. بي مروت- بي لحاظ. رکو. بيرحم.

سَرد مِهري؛ ٿ. بي مروتي- رکائي.

سَردارُ؛ ص (ف) اڳواڻ- پيشوا. امير- رئيس.

سَرداري؛ ٿ. اڳوائي. حاڪمي. رهبري.

سَردَردُ؛ ذ (ف) مٿي جو سُور. آزار.

سَر دَرو؛ ذ. دروازي جي مٿان واري ڪاٺي (جنهن ۾ ڪڙو ڪنڊو لڳي).

سَرِ دَست؛ ظ (ف) ترت؛ تي- هينئر- هن وقت- فورا- هُه ڀُهه.

سَردو؛ ذ. هڪ قسم جو گدرو.

سَردي؛ ٿ (ف) ٿڌ- ٺارُ- ٺَڪي. سياري جي مُندَ- سيارو.

سَرڙاٽُ؛ ذ. تکو ۽ سنهون آواز- سُوساٽ.

سُرڙاٽُ؛ ذ. جسم تي ڪنهن سُرندڙ جيت جي چُرپر.

سِرڙيو؛ ص. اڪيلي سر ڪمائيندڙ (ٻنيءَ ۾). اهو هاري جنهن وٽ پنهنجو جوڙو نه هجي ۽ يڪي سِر هجي.

سَرزَد؛ ظ (ف) اتفاق سان ٿيل (حادثو، عمل وغيره).

سَر زَد ٿيڻ؛ هٿان نمودار ٿيڻ- ظاهر ٿيڻ.

سَر زَمِينَ؛ ٿ (ف) ملڪ. حڪومت. ڌرتي. جاءِ واردات.

سَر زَنش؛ ٿ (ف) ملامت- جُٺ ٿُڪ. تنبيهه.

سَرسُ؛ . ظ. وڌيڪ- گهڻو. زياده. سُنوالو. سَوايو. برتر- بهتر.

سِرسُ؛ ذ. هڪ قسم جو پسارڪو وکر (هڪ وڻ جو رَسُ جيڪو ڪاٺ ڳنڍڻ ۾ ڪم اچي)- ٿيڻ.

سِرسامُ؛ ذ (ف) دماغ جي هڪ بيداري (جنهن ۾ مغز ۾ ٿَٽ ٿئي).

سَرسائي؛ ٿ گهڻائي- ڀاڙارو. واڌ. اضافو. فوقيت- برتري.

سرسبز؛ ص (ف) سائو- آباد. شاداب. تازو توانو. خوشحال.

سَرسبزي؛ ٿ. آبادي. خوشحالي.

سَرِ سَرِ؛ ٿ. تيز هوا جو آواز- سُوساٽ.

سُرِ سُرِ؛ ٿ. بدن تي جيت جي هلڻ جو احساس. خارش. ڪتڪتائي.

سَرسَرِي؛ ص (ف) سَولو- آسان. مٿاڇرو. مختصر. اُڀاترو. معمولي- رواجي.

سَرسو؛ ظ. وڌيڪ- زياده. سُوالو.

سَرسَوتِي؛ ث (سن) هندو ڌرم جي هڪ ديوي.

سَرسِي؛ ث. واڌارو. ترجيح. ڪٿر. سَوائي- سُوالي. اڳرائي. ترجيح- فوقيت. ڪاميابي- سوڀ.

سَرسِي ڪرڻ؛ گوءِ کڻڻ. ڪٿر کڻڻ. بازي کڻڻ. سوڀ ڪرڻ. سبقت ڪرڻ.

سَرشار؛ ص (ف) پريل- لبريز- تار. خوش. بيخود (موج مستي ۾).

سَرشارِي؛ ث. نشو- مستي. بيخودي.

سِرِشت؛ ث (ف. سَرِشت) فطرت- مزاج. طبيعت- سُڀاءُ. خصلت- عادت. خاصيت- گڻ.

سِرِشتو؛ ذ (ف) نظام- سٽاءُ. جوڙجڪ. طريقو- رواج. ترڪيب. ڍنگ. دستور- قاعدو.

سِرشتيدارُ؛ ص. عدالت ۾ جج جي اڳيان حاضري وارو ملازم. دفتر يا آفيس جو اڳواڻ.

سِرِشٽِي؛ ث (سن) خلقت- پيدائش. مخلوق. دنيا.

سَرطانُ؛ ذ (ف) ڪيڪڙو. آسماني ستارن جو چوٿون برج. هڪ قسم جي موتمار بيماري.

سُرعَت؛ ث (ع) جلدائي- تيزي- تِک.

سَرغَنہ؛ ذ (ف) سردار- اڳواڻ.

سَرفِرازُ؛ ص (ف) معزز. ممتاز. ڀاول.

سَرفِرازِي؛ ث. عزت- شان.

سَرفروش؛ ص (ف) سِر ڏيندڙ- جانباز. بهادر.

سَر فروشي؛ ث. بهادري- دليري.

سَرقہ؛ ذ (ع) چوري. ٻئي جي ڪلام يا مضمون کي پنهنجي ڪلام يا مضمون ۾ آڻڻ.

سِرڪَ؛ ث. ڪِسڪڻ واري ڳَنڍِ (نوڙي يا رسيءَ ۾).

سُرڪاٽُ؛ ذ. بدن تي ڪنهن جيت جي چُر پُر جو احساس.

سَرڪارِ؛ ث (ف) حڪومت- گورنمينٽ. بادشاهي. عزت سان مخاطب ڪرڻ جو لفظ.

سَرڪارِي؛ ص. حڪومت جو- حاڪمانو.

سِرڪائِڻُ؛ م. ريڙهڻ- هٽائڻ. هڪ پاسي ڪرڻ. گم ڪرڻ- ٽِڪائڻ.

سَرڪَردِگِي؛ ث (ف) سرداري- اڳوائي.

سَرڪَردو؛ ذ (ف) حاڪم- سردار. اڳواڻ.

سَرڪَس؛ ث (انگ) اُهو تماشو جنهن ۾ ڪسرت جا ڪم ۽ جانورن جا کيل ڏيکاريا وڃن.

سَرڪَش؛ ص (ف) نافرمان- بي چيو. باغي.

سَرڪَشِي؛ ث. بغاوت. نافرماني.

سَرڪِل؛ ذ (انگ) دائرو- گهيرو. حلقو. مقرر علائقو. ٽن يا چئن تپن مان ٺهيل تعلقي جو ڀاڱو.

سَر ڪلياڻ؛ ذ. هڪ قسم جو حُقو (جنهن ۾ نڙ ڊگهو ۽ پيچدار هجي).

سِرڪَڻُ؛ م. هٽڻ- رڙهڻ- پاسي ٿيڻ. کِسڪڻ.

سِرڪَڻَ ڦاهِي؛ ث. رسي جي ڳَنڍِ ڏيڻ جو هڪ نمونو (جنهن جي ڦندي ۾ ڦاسڻ سان ڳَنڍِ قابو ٿيندي ويندي).

سُرڪَڻُ؛ م. ڍُک ڀرڻ- ڍُک ڍُک ڪري پيئڻ. هِرڪڻ (دل)- مائل ٿيڻ- موهجڻ.

سُرڪو؛ ذ. بدن تي ڪنهن جيت جي چُرپر جو احساس. (ف. سِرڪہ) ڪمانديا انگورن جي رس مان ٺهيل کٽي ۽ تيزابي پاڻيٺ.

سَرڪوبِي؛ ث (ف) سخت سزا. مارڪُٽ.

سُرڪِي؛ ث. ڍُک- ڍُڪو. ٿوري ذري (پاڻيٺ جي). سُرڪَ.

سَرڪيولَرُ؛ ذ (انگ) لکيت ۾ ڏنل هدايتون. سرڪاري پڌرنامو.

سِرگَندُ؛ ذ. هڪ قسم جو وڻ (جنهن جي ڪاٺي سُرهي ٿئي). چندن- صندل (وڻ).

سَرڪو؛ ص. جهڙو- وانگيان- طرح- موافق. هڪ جهڙو- ساڪيات. (ث. سَرڪي).

سَر گذشت؛ ث (ف) واقعو- ماجرا- حادثو. ڳالهه- ڪهاڻي. داستان. واقعن جو احوال- سوانح عمري.

سَرگِراني؛ ث (ف. سرگرداني) پريشاني. ڳڻتي.

سَرگردانُ؛ ص (ف) حيران- پريشان. رولڙي ۾.

سَرگرداني؛ ث. حيراني- پريشاني. مصيبت. ڏاکڙو.

سَرگرمُ؛ ص (ف) جوشيلو. تيار. چالاڪ. جاکوڙي.

سَرگرمي؛ ث. جوش. تيزي- چستي. چالاڪي. اُتساهه.

سَرگروهه؛ ص (ف) سردار- اڳواڻ.

سَرگسَ؛ ث (ف. شهرگشت) جلوس. شادي وغيره جي موقعي تي ماڻهن جو گڏجي گهوٽ کي گشت ڪرائڻ.

سَرگمَ؛ ذ. راڳ جي ستن سُرن جو مجموعو (سا- ري- گا- ما- پا - ڌا- ني).

سَرگوشي؛ ث (ف) ڪَنَ ڦس- سُس ڦس. جهيڻي آواز ۾ ڪن جي ڳالهه.

سَرگِيرُ؛ ذ (ف) گهوڙن جي هڪ بيماري.

سَرڳُ؛ ذ (سن. سُورگ) بهشت- جنت.

سَرڳواسي؛ ص. مري ويل- مرحوم. جنتي.

سَرَلُ؛ ص. سنئون سچو. جلد ڀڏندڙ- ڪَن جو صاف. (ذ) ننڍي چمار وارو گهوڙو- وڇيرو.

سَرلو؛ ذ. جهُڙ- جهڙالو. مينهوڳي جي مند. (ص) ڪن ڪان صاف ۽ جلد ڀڏندڙ.

سَرما؛ ث (ف) سياري جي موسم- سيارو.

سُرمائي؛ ص. سُرمي جي رنگ جهڙو. (ث) هڪ قسم جي ساموندي مڇي.

سَرمايو؛ ذ (ف. سرمايہ) پُونجي- مُوڙي. ناڻو. رقم (جيڪا واپار ۾ لڳائجي).

سرمائيدارُ؛ ص. دولتمند- شاهوڪار- مالدار.

سَرمَد؛ ص (ع) هميشه رهندڙ- دائم. مجذوب- مست. (ذ) مشهور مجذوب درويش جنهن کي اورنگزيب بادشاهه قتل ڪرايو هو.

سَرمَدي؛ ص. دائمي- هميشه جو. خدائي.

سَرمست؛ ص (ف) مخمور- مدهوش. نشي ۾ مست.

سَرمستي؛ ث. مدهوشي- نشو. خمار.

سُرمگِيں؛ ص (ف) سُرمو لڳل.

سَرمَنڊَلُ؛ ذ. هڪ قسم جو ساز.

سُرمو؛ ذ (ف) ڪاري رنگ جي هڪ معدنيات جو اٽو (جيڪو اکين ۾ وجهجي). (ص) سنهون پيٺل- ٻُورو. (ذ) اڇي چاندي جون تارون (جيڪي پرت ۾ ڪم اچن).

سُرمو ڪرڻ؛ پيهي سنهون ڪرڻ.

سُرمو وجهڻ؛ انڌو ڪرڻ. ٺڳڻ- ڦُرڻ.

سَرمَيدانُ؛ ص. ميدان ۾. تمام تکو (ڊوڙڻ).

سَرَڻ، سَرَڻِ؛ ث (سن) پناهه- سام. حفاظت.

سَرنامو؛ ذ (ف) پتو- ائڊريس. خط يا درخواست جي شروعاتي مخاطب ڪرڻ واري عبارت.

سَرناءِ؛ ث. شرناءِ (ساز).

سَرَندُ؛ ص. هُوند وارو. شاهوڪار. سکيو آسودو. خوشحال. هلندي پڄندي وارو.

سَرَنديِ؛ ث. هُوند- آسودگي. پڄندي. وس-

اختيار. سکھہ.

سَرنديِاتُ؛ ص. پڄندي وارو- شاهوڪار.

سُرندو؛ ذ. هڪ مشهور ساز (جنهن ۾ تارُون تندون ٿين).

سُرندو وڄائڻ؛ راضي ڪرڻ لاءِ منٿون ڪرڻ. آزي نيزاري ڪرڻ.

سُرَنگَ، سُرَنگھہَ؛ ث. غار. زمين دوز رستو. غفا.

سُرَنگُ؛ ص. سُهڻي رنگ وارو. ڳاڙهي رنگ وارو گهوڙو.

سَرنِگون؛ ص (ف) اونڌي ڪنڌ. مُنهن پر.

سَرنوِشت؛ ث (ف) نصيب جو لکيو- ڀاڳ- تقدير.

سَرِنهہَ؛ ث. هڪ تيلي ٻج (جنهن مان مٺو تيل نڪري).

سَرَهُ؛ م. جيئڻ. بسر ٿيڻ (حياتي). ڪَٽجڻ (عمر). پُڄڻ- تي سگهڻ. حاصل ٿيڻ.

سِرَهِ؛ ث. هڪ مشهور پکي- چيل- هِلِ.

سُرَهُ؛ م. چرڻ. ڪسڪڻ. سِرڪڻ- رڙهڻ. اڳتي وڌڻ. کِسڻ.

سُرلو؛ ذ. چُرندڙ جيت. جيت. جيت جي چڪ جي اثر ڪان ٿيل سوڄ يا ڏبڙ.

سَرو؛ ذ. شراب.

سَرَو؛ ذ (ف) هڪ قسم جو مشهور جابلو وڻ (جيڪو سڌو ۽ اُچو مٿي وڃي).

سَروَقدَ؛ ص. قداور. ڊگهي قد وارو.

سِرو؛ ذ (ف. سَر) مٿو. منڍ. شروع وارو حصو. سنڌ جو مٿيون اُتر وارو حصو.

سُرو؛ ذ. اناج ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ جيت. ڪاٺ وغيره کي کائيندڙ جيت.

سَرواڳَ؛ ث. گهوڙي جي مٿي ڪان وري ايندڙ ڏهاني واري رَسِي.

سَرواڻُ؛ ذ (ف. ساربان) قافلي جو اڳواڻ. اڳواڻ- مهندار.

سَرواهِي؛ ث. تلوار- ترار. سڌي منهن واري تلوار. جوڌپور طرف جي ٺهيل هڪ قسم جي تلوار (جيڪا ٻنهي پاسن وهي).

سَروبَدر؛ ظ. وَٽو سَٽو. مٽ سٽ. بدل سدل.

سِروٽو؛ ذ. سِرَجو اڌڙ. سِر جو ٽڪرو.

سُروُپ؛ ذ (سن) سونهن- حُسن. روپُ- صورت. (ص) حسين- سُهڻو.

سَروپا، سَروپاءِ؛ ث. اعليٰ مرتبي وارو وڳو- خلعت- پاکر.

سَرودُ؛ ذ (ف) هڪ قسم جو ساز- سُرندو.

سُرودُ؛ ذ (ف) ڳائڻ- گانو- نغمو. سُر. آلاپ.

سَرورُ؛ ذ (ف) سردار- حاڪم. مالڪ- آقا.

سَرورِ ڪائناتِ؛ ذ. حضرت رسول ڪريم جن جو لقب.

سَرورِ انبياء، سَرورِ عالمَ؛ ذ. نبي سڀوري جو لقب. (حضرت محمد صلعم)

سُرورُ؛ ذ (ع) خوشي. فرحت. خمار. هلڪو نشو.

سَرورَقُ؛ ذ (ف) ڪتاب جو پهريون (نالي وارو) ورق.

سَروِس؛ ث (انگ) نوڪري- ملازمت.

سَروش؛ ذ (ف) غيبي آواز- الهام. فرشتو- جبرئيل.

سَروَقامَت؛ ص (ف) ("سَرو" جي وڻ وانگر") ڊگهو- قداور.

سَروَقد؛ ص (ف) "سَرو" جي وڻ وانگر ڊگهو- قداور.

سَروڪارُ؛ ذ (ف) تعلق- واسطو- لاڳاپو.

سَروي؛ ث (انگ) ٻنيءَ يا ايراضي جي ماپ.

سَرويرُ ذ (انگ) پيمائش ڪندڙ عملدار. انجنيري کاتي جو هڪ ملازم (جيڪو واهن جي پاڻيءَ جي ماپ رکي).

سَرَهُه ذ. هڪ قسم جو جابلو جانور.

سِرهَڻ، سِرينهَن ذ. هڪ قسم جو وڻ.

سِرهاڙو ذ. يڪي ڊوڙ. تِکي ڊوڙ.

سَرهالُ ص. خوش. تندرست. خوشحال. وڏي چمار وارو.

سُرهاڻِ ث. خوشبوءِ- سڳنڌ. عطر.

سَرهائِي ث. خوشي. آسودگي. مرضي.

سَرهَڻ ذ. هڪ قسم جو تيلي ٻج (جنهن مان مِٺو تيل نڪري).

سُرهائِي ث. سرهاڻ- سڳنڌ.

سَرهڻ، سِرَهَڻُ م. تڪڻ- نظر ۾ رکڻ. جانچڻ.

سَرَهو ص. خوش- نِهال- راضي. آسودو.

سُرَهو ص. خوشبودار- سڳنڌ وارو. (ث. (سُرَهي).

سُرَهي ڪرڻ چڱي ڪرڻ- ڀلائي ڪرڻ. چڱائي ڪرڻ. نيڪي ڪرڻ.

سِرهيلِ ث. "سرهن" جو وڻ.

سُرهَيو ذ. عطر وڪڻندڙ- عطار. مٺيارڪو سامان وڪڻندڙ.

سَرَءُ ذ. اونهاري کان پوءِ ايندڙ موسم (جنهن ۾ پاڻي ڇڇن ۽ تپاولي ٿئي)- خزان.

سَرِي ث. سَرَ- لڙهي- ڪنڍي (موتين جي).

سِرِي ث. سِسِي- مُنڍي. مٿو ۽ ڳچي. ٿُومَ جي ڳنڍِ يا ڦارَ.

سُريتَ، سُريتَڙَ ث. وهاريل عورت- سينڌي.

سُرِيتو ص. سهڻي ڍنگ وارو- سهڻي نموني. رِتَ سان- ريت سان.

سَرِيرُ ذ (سن. شرير) بدن- جسم- جُسو.

سَرِيرُ ذ (ع) پلنگ. تخت.

سِريراڳُ ذ. هڪ راڳ ۽ سُر جو نالو.

سَرِيعُ ص (ع) تيز- تکو. جلد. ڦڙت. چُست- چالاڪ.

سَرِيڪو، سَرِيڪو ظ. جهڙو- جيڏو. مَٽ- برابر.

سُرِيلو ص. مِٺي آواز وارو- خوش آواز. سُر تار وارو. وڄندڙ.

سِريوالُ ص. اتر جو رهاڪو (سنڌ جي پرسان اترئين پاڱي جو رهاڪو).

سَرِينهَن ذ. سِرهيل وڻ.

سَڙڪَ ث. رستو- شاهراه- شارع. شاهي رستو.

سَڙَڻُ م. ٻرڻ- ڏجهڻ (باهه ۾). جلڻ- ڪامڻ.

سَڙِيلُ ص. ٻريل- جليل. ڪاٺل. ڳريل- خراب- ڪنو (ميوو). بدبودار.

سِڙهُه ذ (ع. شراع) ٻيڙي کي هوا جي زور تي هلائڻ لاءِ ڪپڙو- بادبان.

سَزا ث (ف) سيکت. جٽ. بدلو- عيوضو. ڏنڊ. قيد جي سيکت

سَزا پوڳڻ ڪئي جو نتيجو لوڙڻ. جيل ڪاٽڻ.

سَزا ڏيڻ سيکت ڏيڻ. جُٽ ڪرڻ.

سَزاوارُ ص. سيکت جوڳو- ڏوهاري.

سَزا يابُ ص. ڏوهاري. قيدي.

سزايافته ص. ڏوهاري. جيل ڀوڳيل- قيد ڪاٽيل.

سَسُ ث. زال يا مڙس جي ماءُ.

سُسائِڻُ م. قنديل شيءِ جي سوج گهٽ ڪرڻ- سوج گهٽائڻ. (ف) ننديو ڪرڻ.

سُسُت ص ڍرو. گهٽ رفتار وارو. ڪم ۾ دير ڪندڙ. ٽوٽي- ڪاهل. هيٺو. اداس.

سُسُت ٿيڻ: ڍرو ٿيڻ (ڪم يا رفتار ۾). اُداس ٿيڻ.
مايوس ٿيڻ.
سُستي: ث. ڍرائي. ڪاهلي. آرس. هيڻائي. ٿڪائي.
سَستو: ص. گهٽ قيمت. سهانگو- ارزان.
سُس پُس. سُس ڦُس: ث. آهستي آواز ۾ ڳالهاءِ.
ڪَنَ جون ڳالهيون. ڀُڪَ.
سُس پُس (ڦُس) ڪرڻ: ڪَن جون ڳالهيون ڪرڻ.
سُسَرُ: ذ. اڇي پاڻي جو تلاءُ- صاف پاڻي جي ڍنڍ.
سُسَڻُ: م. گهٽجڻ- سوسُ کائڻ. سوڙهو ٿيڻ. ڀڄڻ.
سُڪڻ- سُڪي ننڍو ٿيڻ. ڪومائجڻ.
سَسو: ذ. ننڍو گهيٽو. رِڍ جو ننڍڙو ٻَر.
سِسو: ذ. ڳچي- ڳچيءَ وارو حصو. ڪنڌ- مُنڍي-
گردن.
سَسُئي: ث. چنڊ- ماهه. چنڊ جهڙي سهڻي عورت.
سنڌ جي مشهور عشقيه قصي "سسئي پنهون" جو
ڪردار.
سِسي: ث. ڳچي- مُنڍي- گردن- ڪنڌُ.
سَطحَ: ث (ع) مٿيون حصو- مٿاڇرو.
سَطحي: ظ. مٿيون- بالائي- مٿاڇرو.
سَطرِ: ث (ع) ليڪَ. سِٽَ. لفظن يا حرفن جي قطار.
سَطوت: ث (ع) دٻدٻو- رعب.
سُطور: ث (ع. سطر جو جمع) سِٽون. ليڪون.
سَعادَت: ث (ع) برڪت. سڀاڳ. نيڪي- ڀلائي.
سَعادتمند: ص. سڀاڳو- نيڪ. فرمانبردار- چڱيوانُ.
سَعادتمَندي: ث. سڀاڳ. فرمانبرداري.
سَعدُ: ص (ع) سڀاڳو. نيڪ.
سَعي: ث (ع) ڪوشش- سعيو. ڊوڙڊُڪَ- حيلو.
سَعيدُ: ص (ع) نيڪ. سڀاڳو- خوشنصيب.
سَعيو: ذ (ع) ڪوشش- جتن. حيلو. جلدائي-
سيکهه.
سِفارَتَ: ث (ع) پيغام رسائڻ- قاصدائو. ايلچي
گيري. مفاهمت جو پيغام.
سفارتخانو: ذ. سفير جي رهڻ جي جاءِ.
سِفارَش: ث (ف) ڪنهن شخص کي پارت سان ٻئي
جي حوالي ڪرڻ. پارت.
سِفارَش نامو: ذ. پارت جو خط.
سِفارَشي: ص. پارت ڪندڙ. پارت ڪيل.
سَفاڪ: ص (ع) ظالم- بيرحم. قاتل.
سَفاڪي: ث. ظلم. قتل. بيرحمي.
سَفَرُ: ذ (ع) شهر کان ٻاهر روانگي- مسافري.
سَفر خَرچُ: ذ. مسافريءَ ۾ واٽ جي ضرورت لاءِ
خرچ پکو.
سفر ڪرڻ: مسافري ڪرڻ. ڪوچ ڪرڻ. روانو
ٿيڻ.
سفر نامو: ذ. سفر جو احوال.
سُفراء: ذ (ع) "سفير" جو جمع.
سُفرو: ذ. پڃو- چَپُ.
سِفلو: ص (ع. سِفلہ) ڪميڻو- رذيل. خَسيس-
نيچ- ڪِريل.
سِفلہ مزاج: ص. ڪميڻو. ڪريل- ذليل. هلڪي
طبيعت وارو.
سُفوفُ: ذ (ع) پيٺل شي- اٽو- ٻُورو. ڦڪِي.
سُفيدُ: ص (ف) اڇو. اُجرو- صاف. ڳورو.
سُفيدپوش: ص. اڇا ڪپڙا ڍڪيندڙ. سادو لباس
اوڍيندڙ. درمياني حيثيت وارو.
سُفيد ريش: ص. اڇي ڏاڙهي وارو- بزرگ. پوڙهو.
سُفيدو: ذ (ف) اڇو ٻُورو يا رنگ. هڪ قسم جو
پسارڪو وکر.

سُفيدي؛ ث (ف) اڇاڻ. اڇائي. چِٽائي. اڇو رنگ (چُن وغيره جو).
سَفِيرُ؛ ذ (ع) ايلچي- قاصد.
سَفِينو؛ ذ (ع) جهاز. ٻيڙي- ڪِشتي.
سَڦرو؛ ص (سن. سڦل) ڦل وارو- فائديمند. نفعو ڏيندڙ. آسان- سولو.
سَڦلُ. سَڦلو؛ ص (سن) ڦل وارو- ثمردار. نفعو ڏيندڙ. سڦرو.
سَڦُوران؛ ث (عبراني، صافورا) عورت جو نالو.
سَقَر؛ ذ (ع) دوزخ- نرڳ.
سُقراطُ؛ ذ. يونان جو مشهور فيلسوف.
سَقلاتُ؛ ذ (ع. سقلاط) ترمزي رنگ جو- هڪ قسم جو ڪپڙو.
سَقف؛ ذ (ع) ڇِت. سائبان. آسمان.
سُقُم؛ ذ (ع) عَيب- نقص. وڏ. خرابي- خامي.
سَقہ؛ ذ (ف) پاڻي ڀياريندڙ. ساقي. پکال سان پاڻي ڀريندڙ- پکالي- ماشڪي.
سُقُوط؛ ذ (ع) ڪِري پوڻ- ڍهي پوڻ.
سَقِيم؛ ص (ع) بيمار- مريض. هيڻو- ضعيف. بيحال. مسڪين.
سِڪَ؛ ث. حُب- قرب- پيار. هيڄُ. ساروُڻي- اُڪنڊ.
سُڪَ؛ ث. خشڪي- آرڙ. سُڪل زمين. اٿاٽ. (ظ) قابو- سوگهو. مضبوطيءَ سان ڀِتل. ڏاڍو- سخت.
سُڪَ ڪرڻ؛ ٻڌي قابو ڪرڻ. سوگهو ڪرڻ.
سُڪاڄُ؛ ص. ڪم وارو. سڦلو. فائديمند.
سُڪارُ؛ ذ (سن. سُڪال) خوشحالي- آبادي. اناج جي فراواني. سهانگائي. جهجهائي- گهڻائي.
سُڪارِتو؛ ص. سجايو- ڪمائتو- سڦلو. ڪارآمد- فائديمند.
سُڪاريو؛ ص. آسودو- خوشحال. ڪم وارو- سڦلو.
سِڪائِڻُ؛ مر. گهڻُ پوري نہ ڪرڻ. حرصائڻ. سَڌائڻ- اُڪنڊائڻ. انتظار ڪرائڻ.
سُڪائِڻُ؛ مر. خشڪ ڪرڻ. هيڻو ڪرڻ.
سَڪتو؛ ذ (ع. سَڪتہ) هڪ بيماريءَ جو نالو (جنهن ۾ مريض جي چرپر بند ٿي وڃي ۽ بيهوشي ٿئي).
سُڪَ ترِ؛ ث. خشڪي. سُڃ- ڀِنگ. ڏڪار. آرڙ.
سَڪَرَ؛ ث. چُمي- مِٺي.
سَڪَرَ؛ ث. ڀهريات مينهن. گهڻو کير ڏيندڙ جُوان مينهن.
سُڪَرُ؛ ذ (ع) نشو (شراب جو). خُمار. مَدهوشي.
سُڪَرُ؛ ذ (سن. سُڪال) آبادي. خوشحالي. سهانگائي- سستائي. اناجُ جي گهڻائي. سُڪارُ.
سَڪراتَ؛ ث (ع) ساهہ نڪرڻ جي تڪليف. پويان پساهہ.
سُڪَلُ؛ ص. سُڪي ويل- خشڪ. رڪو. ايرو.
سُڪلَ ٽُڪرَ؛ ذ. مانيءَ جا رُڪا ڀُيا.
سَڪَمو؛ ص. سگهارو- تندرست. ڏاڍو. (ث. سَڪَمِي).
سَڪنَہ؛ ذ (ع) "ساڪن" جو جمع. (ص) رهندڙ.
سِڪَندرُ؛ ذ. يونان جو بادشاهہ (جنهن ٣٢۴ ق. م ۾ مصر، ايران، افغانستان ۽ سنڌ فتح ڪيا).
سِڪَڻُ؛ مر. اُڪنڊجڻ. حرص ڪرڻ. سَڌائجڻ. آس ڪرڻ. خواهش ڪرڻ.
سِڪڻو؛ ص. خواهشمند- سَڌائتو- حرصيل. سِيکنهن شيءِ تي حرص ڪندڙ. (ث. سِڪڻي)
سُڪَڻُ؛ مر. خشڪ ٿيڻ- ٺوٺ ٿيڻ. ايرو ٿيڻ. هيڻو ٿيڻ. رطوبت سُڪي وڃڻ. انتظار ڪرڻ.

سُڪي ڪندا ٿيڻ: ايرو ٿيڻ (بيماريءَ ۾).
سَڪو: ص. سڳو (ماڻٿ). ويجهو مائٽ (جنهن سان رت ڳنڍيل هجي).
سِڪو: ذ (ع. سيڪہ) مُهر- ٺپو. مُهر لڳل ڌاتوءَ جو ٽُڪرو (جيڪو ناڻي طور متاستا ۾ ڪم اچي).
سِڪو جمائڻ: جمائڻ- رعب وهارڻ.
سُڪو: ص. سُڪل- خشڪ- لوٺ. رکو- الپو. ڪومايل. (ث. سُڪي).
سُڪا ساوا ٿيڻ: مظلومن جو خوشحال ٿيڻ. ڏتڙيلن جو آسودو ٿيڻ.
سُڪو جواب: ذ. صفا جواب- انڪار.
سُڪو ڪاٺُ: ذ. پَڪو. بي حس.
سُڪُوتُ: ذ (ع) خاموشي- چُپ- ماٺ- سانت.
سُڪوت ڪرڻ: ماٺ ڪري ويهڻ- صبر سان رهڻ. رهڻ- ٽڪڻ. رهايش ڪرڻ.
سُڪُون: ذ (ع) چُپ- ماٺ. آرام- قرارُ. امن. 'جزمُ' جي نشاني.
سُڪُونَت: ث (ع) رهايش. رهڻ جو هنڌ- بودوباش.
سُڪُونت پذير: ص. رهندڙ- ساڪن.
سُڪي: ث. خشڪي. سُڪي ويل زمين. ترتي.
سِڪيلڏو: ص. سِڪي پني جاول (ہار). ناز سان نپايل. لاڏلو. (ث. سِڪيلڏي).
سَڪيلو: ذ. تلوار. هڪ قسم جي ترار.
سَڪينہ: ث (ع) دل جو آرام يا سُڪون. عورتن جو نالو.
سِکُ: ذ. چيلو- شاگرد. گرونانڪ جو پوئلڳ.
سُکُ: ذ (سن) خوشي- آنند- راحت. فرحت- آرام- چين. خوشحالي- آسودگي. سهنج- سولائي.
سُکُ ڪرڻ: آرام ڪرڻ. هڪ هنڌ ويهڻ. سانت ڪرڻ.
سُکا: ث. باسَ- مجتا- مَنت. ڪنهن خوشي ڏسڻ لاءِ باسيل نذرانو (جيڪو ڪنهن درويش ولي الله کان ڪيل مُراد پوري ٿيڻ تي پَڙُ ڏجي يا نذراني جي صورت ۾ ادا ڪجي).
سُکا باسڻ: مراد پوري ٿيڻ لاءِ پڙُ يا نذرانو ادا ڪرڻ جو انجام ڪرڻ.
سُکالو: ص. خوش. تندرست. (ڪنايتہ) بيمار- اگهو- ناخوش.
سُکانُ. سُکاڻُ: ذ (ع. سُڪان) ٻيڙي يا غوراب جي رخ ڦيرائڻ لاءِ ڏُنبالي ۾ لڳل ڦرهو.
سُکاڻي. سُکاڻِي: ص. سکان هلائيندڙ- ٻيڙياتو- ملاح.
سُکرُ: ص. خوشحال- آسودو. متاهون- اعليٰ. عزت آبرو وارو- معزز. مان مرتبي وارو. وڏو ماڻهو. تندرست. (ذ) هڪ مشهور شهر ۾ ضلعو.
سِکڻُ: م. سکيا وٺڻ. تربيت وٺڻ. پرائڻ. حاصل ڪرڻ.
سکڻو: ص. ٺلهو- پالهو- خالي. هٿن خالي- ڪُنل. واندو. اڪيلو. (ث. سکڻي).
سکڻائي: ث. اڻ هوند. ڪُنلائي.
سکي: ث (سن) ساهيڙي- سهيلي- سَرتي- جيڏي.
سُکي: ص. سکيو- آسودو- خوشحال.
سِکيا: ث. تعليم- چاڻ. تربيت.
سُکيائي: ث. آسودي- خوشحال. سَرهي.
سُکيو: ص. آسودو- خوشحال- هُوند وارو. خوش- سَرهو. سولو- سهنجو- آسان.
سکيو سَتابو: ذ. خوشحال ۽ مان مرتبي وارو. معزز.
سَڳُ: ذ (ف) ڪُتو.

سِگارُ؛ ذ (انگ) تماڪ جي ثابت پَنن کي ويڙهي ٺاهيل چُروٽ.
سَگبانُ؛ ص. ڪُتا سنڀاليندڙ، ڪُتن جو ڏڻي. شڪاري.
سِگِرِي؛ ث. لوهي چُلهه- انگيٺي- ڪُلُ.
سِگريٽُ؛ ذ (انگ) سِيلَ واري ٻيڙي.
سَگلو؛ ص. سٺين عادتن وارو- سلڇڻو. (ضد. اَگلو).
سِگنلُ؛ ذ (انگ) اشارو. پيغام. ريلوي لائين جي پاسن کان لڳل نشان.
سَڳُ؛ ذ. ٺاٻتي، شيءِ- وَٿُ.
سَڳَ سان؛ ظ. ٺاٻتي سان.
سَڳائي؛ ث. پنهنجائي- رت ڳنڍيل مائٽي. قرابت- عزازت.
سَڳتِرو؛ ذ. جُتي ۾ پير جي هيٺان رکيل چمڙو.
سَڳداسِي؛ ذ. خوشبودار چانورن جو هڪ قسم.
سَڳڙُ؛ ذ. واٽ- دڳُ- راهه- گسُ.
سَڳڙو؛ ذ. "سڳو" جو اسم تصغير. ننڍڙو سنهڙو ڌاڳو. ڏورو. ڳانو.
سَڳنَڌِ؛ ث. سُرهاڻ- خوشبو. هُٻڪار. واسُ.
سَڳڻُ؛ ذ. سَوَڻ- شگون. اهڃاڻ (ڪنهن واقعي جو)- فال.
سَڳو؛ ذ. ڌاڳو. سُٽ وغيره جي تند. ڏور. ٻانهن ۾ ٻڌڻ يا ڳچيءَ ۾ پائڻ جو ڏورو. سون يا چانديءَ جو هڪ ڳهه. ڦيٿو وڌل يا دعا پڙهيل ڌاڳو (ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ لاءِ). (ص) حقيقي- سڳو (مائٽ). پنهنجو- ويجهو (مائٽ) جنهن سان رَتُ ڳنڍيل هجي.
سَڳو سَورڻُ؛ سلسلي کي جاري رکڻ. عمل کي آهستي آهستي جاري رکڻ.
سَڳورو؛ ص. ڀلارو- افضل. بزرگ. سڀاڳو- سدورو. فيض پهچائيندڙ. (ث. سڳوري)
سَڳِي؛ ث. ڳنڍيل وارن ۾ سينگار لاءِ ٻڌڻ جي چوٽي- ڳُتَ. (ص) حقيقي- سڳي (مائٽ).
سَڳِيون؛ ث. وارن ۾ ٻڌڻ لاءِ ڳتون- چوٽيون (عموما سڳين جي جوڙي ٿئي).
سَگهَه؛ ث. طاقت- قوت- ٻل. زور. وَسُ- توفيق- پڄندي. پهچ. مجال.
سَگهارو؛ ص. سگهه وارو- طاقتور. زور وارو. ڏاڍو. بهادر- پهلوان. جبرو. همت ڀريو. (ث. سگهاري).
سَگهائِتو؛ ص. سگهارو.
سَگهائِي؛ ث. زور- طاقت. ٻل- قوت. توفيق. تندرستي- چڱڀلائي- صحت.
سِگهائِي؛ ث. جلدائي- سِگهه. ڦُڙتي. تَڪڙ.
سَگهَرو؛ ظ. زال سميت. عيال سميت- ٻارين ٻچين. سڄي گهر سميت. گهر جي ڀاتين سان. ڪٽنب سان.
سُگهَڙُ؛ ص. سليقي وارو. هنرمند. ڏاهو. عوامي شاعر. ٻين جا شعر ياد ڪندڙ ۽ ٻڌائيندڙ.
سُگهڙائِي، سُگهڙپائي؛ ث. سليقو- تميز. هنرمندي.
سَگهَڻُ؛ م. مرڪب فعل طور ڪم ايندڙ مصدر (جئن تہ: ڪري سگهڻ، هلي سگهڻ وغيره). ٿي جهڙو هجڻ- ممڪن هجڻ.
سَگهو؛ ص. طاقتور- سگهارو. جبرو- ڏاڍو. زوراور. هلندي پڄندي وارو. تندرست- چڱو ڀلو. صحتمند.
سِگهو؛ ظ. جلد- ترت- تڪڙو. لهہ پهہ- فورا- جهٽ پٽ. يڪدم.
سَڱَ؛ ذ. مائٽي- عزازت. پرڻي لاءِ ڏنل ورتل ڇوڪري.
سِڱَ؛ ذ. جانور جي مٿي تي اُڀريل نوڪدار هڏي جو ڪوپو- قرن.
سِڱن تي کڻڻ؛ جُٽ ڪرڻ- تنبيهہ ڪرڻ.
سَڱابندي؛ ث. پرڻي لاءِ ڪيل مِٽي. سڱَ ڏيڻ وٺڻ. رشتيداري.
سَڱاوَتي؛ ث. سڱابندي.
سَڱَرَ، سِڱَرَ؛ ذ. ڪنڊي جي وڻ جون ڦريون.

سِگِري؛ ث. ڪنڊي جي وڻ جي ڦري.
سِگِڙِي؛ ث. جانور جو سُڪل سِڱ (جيڪو فقير وڄائين). نَفِيل- نفيرَ.
سِگوٺجَڻُ؛ مر. ٿڻن ۾ کير پرجي اچڻ.
سِڱِي؛ ث. ننڍڙو سِڱ (جنهن سان علاج خاطر بدن مان رت ڪيدجي). ننڍڙو سِڱ جيڪو هندو فقير وڄائين- سگڙي.
سِگيون هڻائڻ؛ حيلا وسيلا ڪرڻ. تڪيلف کي لاهڻ لاءِ ٽوٽڪا ڪرڻ.
سَگِيٺو؛ ص. سَگ ۾ آيل- مِٺُ- عزيز. جوڳو- لائق.
سَلُ؛ ذ. سوراخ- ٽُنگ- چيد.
سَلاجيتُ؛ ذ. هڪ قسم جو پسارڪو وکر.
سَلاخَ؛ ث (ف) لوهه جي سيخ.
سَلادُ؛ ذ (انگ) اوباريل يا ڪچي ڀاڄي جو هڪ قسم.
سَلاسَت؛ ث (ع) نرمي- مانار. رواني. ڳرن لفظن کان آجي گفتگو. ڪلام جي نفاست. سادگي.
سَلاسِل؛ ث (ع. "سلسله" جو جمع) زنجيرون.
سَلاطِين؛ ذ (ع. "سلطان" جو جمع) بادشاهه.
سَلامُ؛ ذ (ع) سلامتي- امن. ملڻ يا موڪلائڻ وقت جو لفظ. نماز جي پڇاڙيءَ وارو سلام. ڪربلا جي معرڪي تي نظم.
سَلام پرڻ؛ حاضري ڏيڻ. حاضر ٿيڻ. منهن ڏيکارڻ. زيارت ڪرڻ.
سلام ڏيڻ؛ پيغام ڏيڻ. يادگيري ڏيارڻ.
سلام ڪرڻ؛ موڪلائڻ. کيڪارڻ. مڃڻ- تسليم ڪرڻ.
سَلامُ عليڪم؛ جملو. اوهان تي سلامتي هجي.
سلامَت؛ ظ (ع) محفوظ. سالم. خيريت سان. نيڪ- درست.
سَلامَتي؛ ث. اَمن. خير- عافيت. حفاظت.

سَلامِي؛ ث. بادشاهن يا حاڪمن کي ڪيل آجيان. تعظيم جو سلام. مرحبائي سلام. ڪنهن بند يا مٽيءَ جي ڍڳ کي ڪوڏر سان لَپي لاهه ڏيڻ.
سِلاوَٽا؛ ذ. مسلمان ڪاريگرن جي هڪ برادري جو نالو. پٿر کي گهڙي ناهيندڙ. پٿرن تي ٽُڪ جو ڪم ڪندڙ.
سَلائڻُ؛ مر. ٻُڌائڻ. قبول ڪرائڻ. سَل ڪڍائڻ.
سِلائِي؛ ث. بخيو- ٽوپو. سِبائِي.
سَلب؛ ذ (ع) هٽائڻ. ڇڪڻ. کسڻ. انڪار.
سَلب ڪرڻ؛ اختيارات وغيره کسڻ.
سَلَڻُ؛ مر. ٻُڌائڻ. سچي ڪرڻ- ٻاسڻ.
سَلَٽُ؛ ذ. صلاح- رٿ. سات. هارپي جو سمورو سامان- سلهٽ.
سِلپ؛ ث (انگ) ڪاغذ جي پٽي. غلطي- چُڪَ.
سُلجهاءُ؛ ذ. سنوار (منجهيل جي). حل. وضاحت.
سُلجهائڻ؛ مر. سَنوارڻ- کولڻ (منجهيل کي). حل ڪرڻ (مسئلو). وضاحت ڪرڻ.
سُلجهڻُ؛ مر. کُلڻ- حل ٿيڻ. صاف ٿيڻ (مونجهارو). واضح ٿيڻ. آسان ٿيڻ.
سُلڇَڻَ؛ ذ. سٺا ارڪان- سُٺا لڇڻ. چڱيون عادتون. چڱائيون- ڳُڻَ.
سلڇڻو؛ ص. سٺن لڇڻن وارو. سٺي اخلاق وارو. فضيلت وارو.
سِلحُ؛ ذ (ع) هٿيار- اوزار.
سِلحدارُ؛ ص. هٿيارن جو محافظ. سامان سڙو ڏيندڙ وٺندڙ.
سَلسَبِيلَ؛ ث (ع) بهشت جي هڪ نهر.
سِلسِلو؛ ذ (ع) زنجير- سَنگهر. قطار. نسل- پيڙهي. شجرو. تعلق- واسطو. ترتيب- طريقو.
سِلسِليوارُ؛ ظ. لاڳيتو. ترتيب سان. قطار ۾. هڪبئي پٺيان.

سُلطانُ؛ ذ (ع) بادشاه- فرمانروا.

سُلطانِي؛ ث. بادشاهي- حڪومت.

سُلطنت؛ ث (ع) حڪومت- بادشاهي- مملڪت.

سَلفَ؛ ص (ع) گذريل. قديم- اڳاٽو. پراڻي زماني جا ماڻهو. آبا ڏاڏا. بزرگ.

سَلفَ صالحين؛ ذ. رسول اڪرم جي حڪمن جي پوئواري ڪندڙ اڳيان بزرگ.

سُلف؛ ذ (ع) سئودو. وکر.

سُلفِي؛ ث. ٽماڪ چڪڻ لاءِ ٺڪر جي ٺهيل نڙاندي- يُونگري.

سِلڪ؛ ث (ع) ڌاڳو- ڏور. لڙهي- هار. سلسلو. قطار.

سِلڪَ؛ ث (انگ) ريشم- پَٽُ.

سُلڪڻ؛ ذ. سُلچڻ. ڳڻَ. سُٺا لڇڻ.

سُلڪڻو؛ ص. سُلچڻو. اخلاقن وارو.

سَلم؛ ذ (ف) سوني پاڻي چڙهيل چانديءَ جي تند (جيڪا پرت ۾ ڪم اچي).

سلما ستارا؛ ذ. پرت لاءِ چانديءَ جي تار ۽ ستارا.

سَلمي؛ ص (ع) سهڻي- حسين. محبوبہ.

سَلڻُ؛ م. پڌائڻ- ڏسڻ. ظاهر ڪرڻ. سچي ڪرڻ. مڃڻ- اقرار ڪرڻ. سوراخ ڪرڻ- ٽُنگ ڪرڻ- سَل ڪڍڻ.

سَلو؛ ذ. ٻُوٽو. زمين مان اُپڙيل تازو ٻُوٽو. ابتدائي ڦوٽهڙو. ٿڏو. بنياد- پيڙهہ.

سِلو؛ ظ (انگ) ڍرو- سست رفتار- آهستي.

سَلوارَ؛ ث (ع. سَروال) سُٿڻ- شلوار.

سُلوٽُ؛ ذ (انگ) فوجي سلام. سلامي.

سِلوڪُ؛ ذ (سن. آشلوڪ) شعر. بيت. نظم.

سُلوڪُ؛ ذ (ع) رويو- ورتاءُ. ٺاهہ. صلح. دوستي. حق تعاليٰ جي قرب جي طلب. حق جي ڳولا. تصوف جو طريقو.

سُلوڪَتَ؛ ث. قرب- محبت. ٺاهہ- صلح. خوش اخلاقي.

سَلُوڻو؛ ص. چهرو- نمڪين. سوادي. سانورو. وڻندڙ. سهڻو- حسين.

سَلوِيٰ؛ ذ (ع) پٽيرو. تتر. ماکي.

سِلهہَ؛ ث. هڪ قسم جي بيماري- ٽپ دِق.

سَلهاڙجڻُ؛ م. هڪ ٻئي سان ڳنڍجڻ- قطار ۾ ٻڌجڻ. ڳنڍجڻ (قطار يا سلسلي ۾)

سَلهاڙڻُ؛ م. گڏ ٻڌڻ- ڳنڍڻ- ملائڻ. قطار ۾ ڳنڍڻ.

سَلهَٽِ؛ ذ. سَلٽُ. ٺاهہ- صلح.

سَلهڙُ؛ ظ. گڏ- سان. قطار ۾ ڳنڍيل- لاڳُڙ.

سِليٽ؛ ث (انگ) سڪول ۾ ٻارن جي لکڻ لاءِ هڪ قسم جي پٿر جي تختي.

سِليپَرُ؛ ذ (انگ) جُتيءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ ڪشا وجهڻ وارو حصو نہ هجي). ريلوي لائين جي پٽن کي هيٺان ٽيڪ ڏيڻ لاءِ دوکي.

سَليس؛ ص (ع) آسان- سَولو. عام فهم.

سَليقو؛ ذ (ع) تميز- شعور. سمجهہ. لياقت- اهليت. هُنر. سگهڙائپ.

سَليمُ؛ ص (ع) نيڪ- درست- صحيح. ڪامل- پورو. صاف دل. بردبار.

سَليم الطبع؛ ص. نرم دل. دورانديش. سادو سُڀاءُ.

سُليمانُ؛ ذ (ع) هڪ نبي سڳورو جنهن بيت المقدس جو بنياد رکيو.

سُليماني؛ ص. حضرت سليمان عليه السلام ڏانهن منسوب. (ذ) هڪ قسم جو قيمتي پٿر.

سَمُ؛ ذ. موسيقي جي اصطلاح ۾ تار (وڄت) جي آخرين ماترا.

سَمُّ؛ ذ (ع) زهر- وِهُ.

سَمّ قاتل؛ ذ. ماريندڙ زهر.

سِمَ؛ ث. زمين مان ظاهر ٿيل پاڻي. زمين مان ظاهر ٿيل پوسَل (جيڪا عام طرح ڪلراٺي زمين ۾ ٿئي، يا زمين کي ڪلر وارو ڪري).

سِمَ نالي؛ ث. سِمَ جي پاڻي جي نيڪال وارو وهڪرو.

سَما؛ ذ. سنڌ جي هڪ مشهور قوم (جنهن جي حڪمران گهراڻي سنڌ تي ۱۳۵۰ع کان ۱۵۳۰ع تائين حڪومت ڪئي).

سَمَه، سَماٽ؛ ذ. سمن جي رهائش واري ايراضي (سماٽ، لاڪاٽ وغيره). سَمہ قبيلي جا پاڙا ۽ نکون. وڏي ڏاڏي سمه جو اولاد.

سَماپت؛ ظ (سن) مڪمل- پورو. ختم.

سَماجُ؛ ذ (سن) پنچائت- برادري- ڀائيچاري. معاشرو- پنگت. اجتماع. جلسو. جماعت. بزم.

سَماجي؛ ص. معاشرتي- پنگتي.

سَماجَت؛ ث (ع) خوشامد- چاپلوسي. هي لفظ عموما "مِنَت" سان گڏ ڪم اچي.

سَما جوڳُ؛ ذ (سن) ملاقات. سنبنڌ. ڳانڍاپي وارو تعلق.

سَماچارُ؛ ذ (سن) چال- ريت- روش. حالات- واقعات. خبر- اطلاع. احوال. خبرچار- سُڌ سماءُ. حال احوال.

سَماڌي؛ ث (سن) محويت- استغراق. غور- فڪر. ماٺ. جوڳين سناسين جي تپسيا جو هڪ طريقو. قبر (خاص ڪري هندو مهاپرش جي).

سَماعُ؛ ذ (ع) صوفيانہ راڳ. راڳ تي آيل حال- وجد. ذڪر جو هڪ طريقو.

سَماعَت؛ ث (ع) ٻُڌڻ. ٻڌڻ جي قوت. ٻُڌڻ جي حالت. شنوائي (مقدمي جي).

سَماعت ڪرڻ؛ ٻُڌڻ. مقدمو ٻڌڻ.

سِماعي؛ ص (ع) ٻُڌل.

سَمانُ؛ ص (سن) جهڙو- مثل- وانگر.

سَمانگرُ؛ ص. سهڻي رنگ واري. ڏسڻ جهڙي- خوش رنگ.

سَمانو؛ ص. عزت وارو- وڏي مان وارو- مانائتو. عزت سان. مقبول. سکيو- آسودو. هٽيڪو. (ث. سَماڻي)

سَماوارُ؛ ذ (ف) ٽامي يا پتل جو هڪ ٿانءُ (جنهن ۾ اندرئين وچ واري خال ۾ ٻاهہ ٻرندي رهندي آهي ۽ ٻاهران پاڻي گرم ٿئي).

سَماء؛ ذ (ع) آسمان- فلڪ- چرخ- آڪاس.

سَماوي؛ ص. آسمان وارو. غيبي.

سَماءُ؛ ذ. نگراني- چوڪسي. سنڀال. پَروڙ- ڄاڻ. سَمڪَ. خبر.

سَماءُ لهڻ؛ خبر وٺڻ- نظرداري ڪرڻ.

سَمائِڻُ، سَمائِجَڻُ؛ م. پيهي وڃڻ- حلول ٿيڻ. گهڙي وڃڻ. رَچي وڃڻ. ويهي رهڻ (ذهن ۾). پئجي وڃڻ (اندر).

سِمت؛ ث (ع. سِمَت) رستو- واٽ. طرف- پاسو- رُخ.

سُمَتِ؛ ث (سن) چڱي مَتِ. سٺي صلاح. نيڪ هدايت. سُٺي سمجھ- عقل.

سَمپادَڪُ؛ ذ (هندي) ايڊيٽر.

سَمپُورَڻ؛ ص (سن) مڪمل- سچو.

سَمجهَہ؛ ث. عقل- فهم- اداراڪ. هوش. دانائي. ڄاڻ. راءِ. خيال- گمان.

سمجهہ اچڻ؛ هوش اچڻ- عقل اچڻ. هوشيار ٿيڻ- ڏاهو ٿيڻ. اکيون کلڻ. خبر پوڻ. بالغ ٿيڻ.

سمجهاڻي؛ ث. ڄاڻ. وضاحت- تشريح. هدايت- نصيحت.

سمجهائِڻُ؛ م. ٻُڌائڻ. ڏسڻ. آگاه ڪرڻ. سيکارڻ. ذهن نشين ڪرڻ. سکيا ڏيڻ. نصيحت ڪرڻ. سيکت

ڏين. وضاحت ڪرڻ.

سَمجهدارُ؛ ص. سياڻو- ڏاهو- عقل وارو. تجربيڪار. ڄاڻو. هوشيار.

سَمجھَڻُ؛ م. واقف ٿيڻ- آگاه ٿيڻ. ذهن نشين ٿيڻ. ڄاڻڻ- پروڙڻ. مڃڻ- قبول ڪرڻ. هوشيار ٿيڻ. سِکڻ. محسوس ڪرڻ- لکائڻ.

سَمجهُو؛ ص. سياڻو- ڏاهو- هوشيار. عقلمند- داناءُ. عاقل.

سَمَرُ؛ ذ. مسافري جو توشو. سفر خرچ. سامان- اسباب. ٽپڙ ٽاڙي. وسيلو.

سُمَرتِي؛ ث (سن) ڌيان- خيال. يادگيري. حافظو. هندڪي ڌرم جا اُهي ڪتاب جيڪي الهامي ناهن (انهن ۾ ڇهه ويدانگ شاستر، مَنُو جو ڌرم شاستر، اتهاس، پُراڻ ۽ ٻيا شاستر اچي وڃن ٿا).

سَمَرتِي؛ ث. ملڪيت- دولت. پُونجي. طاقت- توفيق- پهچندي.

سَمَع؛ ث (ع) ڪَنَ- گوش. سماعت- ٻڌڻ.

سَمع خراشِي؛ ث. ڪَنَ کائڻ جهڙيون ڳالهيون. بَڪ بَڪ. متو کائڻ. ڪنن کي نه وڻڻ جهڙيون ڳالهيون.

سَمَڪَ؛ ث. سمجهه. خبر- ڄاڻ. عقل. يادگيري.

سَمَڪ اچڻ؛ هوش اچڻ. سمجهه اچڻ.

سَمَنُ؛ ذ (انگ) ڪورٽ جو سڏ. حاضر ٿيڻ جو حڪمنامو. عدالت ۾ شاهدي وغيره لاءِ گهرائڻ جو حڪمنامو. انجام- واعدو. گلن جو هڪ قسم- چنبيلي- ياسمين.

سَمَند؛ ذ (ف) بادامي رنگ جو گهوڙو.

سَمُنڊُ، سَمُنڊُ؛ ذ (سن. سَمدر) بحر- ساگر.

سَمُنڊر ڦيڻ؛ ث. هڪ قسم جو پسارڪو وکر- سمنڊ جي ڪناري تي گڏ ٿيل گجي يا جهڳ.

سَمنگڻُ، سَمَنگڻ؛ م. راضي ٿيڻ- خوش ٿيڻ.

نوازڻ. بخشش ڏيڻ.

سِمَڻُ؛ م. زمين مان پاڻي سيمو ڪري نڪرڻ. واهه دريا وغيره جي ڪپن مان پاڻي رُوڻ ڪري نڪرڻ. ڦٽ ڦرڙي مان رت پُون وهڻ. ڳاڙو ڪرڻ- ٽِمڻ.

سَمو؛ ذ (سن. سمه) وقت. زمانو. دور. مُند.

سَمُور؛ ذ (ع) هڪ جانور جنهن جي ٻُت تي تمام سنهان ۽ نرم ٻُج ٿين (جنهن جي کل مان پوستينون ٺهن جيڪي نهايت قيمتي ٿين).

سَمُورو؛ ظ. جملي- مڙئي- سڀ. سالم- ڪل- سربستو. (ث. سَمُوري).

سَمُوم؛ ث (ع) نهايت گرم ۽ زهريلي هوا (جيڪا ريگستان ۾ لڳندي آهي).

سَمُونڊُ، سَمُونڊُر؛ ذ. سمنڊ- بحر- ساگر.

سَموهِڻُ؛ م. ٺاهي رکڻ. ترتيب ڏيڻ. سنوارڻ- سُوڌو ڪرڻ. گڏ ڪرڻ- منجهيل سُٽ وغيره کي سُڌارڻ ۽ سُلجهائڻ.

سَمَهَ، سمهه هڻڻ؛ ث. سماع. صفت ۽ ساراهه جا بيت يا مداح، پر سرسان پڙهڻ، ضربون هڻڻ ۽ سنجيدگي سان گولائي ۾ ڦرڻ ۽ نچڻ وارا قدم کڻڻ.

سُمهارَڻُ؛ م. ننڊ ڪرائڻ. ننڊ ڏيارڻ. ليٽائڻ. ڍاهڻ. مارڻ.

سُمهائِي؛ ث. رات جو پهريون پهر. سمهڻ جي وقت کان اڳ واري رات جي نماز. سُهمائي.

سُمهائي جي نماز؛ ث. عشا جي نماز.

سَمَهڙو؛ ذ. چوپائي مال جو هڪ مرض (جنهن ۾ وات ۽ پير پچي پون).

سُمهَڻُ؛ م. ننڊ ڪرڻ. ليٽڻ. ڍهڻ.

سَمُهون؛ ظ. سامهون. اڳيان.

سَميتُ؛ ظ (سن) سان- گڏ- سوڌو- پيڙو- شامل.

سَميٽڻُ، سَميڙڻُ؛ م. گـڏ ڪرڻ- جمع ڪرڻ- يڪجاءِ ميڙڻ.

سَميع؛ ص (ع) ٻُڌندڙ. خداتعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

سَميع بَصِيرُ؛ ص. ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ- دانا بينا.

سَنَ؛ ث. اُها ڏنڊي جنهن جي پاڙي ۾ لوڻ جمي. لوڻ واري ڏنڊي. تلاءُ.

سَنُ؛ ذ (ع. سِن) سال- ورهيه. عمر. (ظ) جيڏو (عمر ۾)- برابر- مَٽُ.

سَن بُلُوغت؛ ذ. جوانيءَ جي عمر.

سَن رَسيده؛ ص. پوڙهو- پيرسن. وڏيءَ عمر جو.

سُن؛ ث. چُپ- ماٺ- خاموشي. بي حسي- بيهوشي. حيراني.

سُن ڪائڻ؛ ماٺ ۾ اچڻ. صبر ڪرڻ. چُپ ڪرڻ.

سَنا؛ ث (ع) هڪ قسم جو پسارڪو وکر.

سَناٽو، سُناٽو؛ ذ. چُپ- خاموشي- ماٺ. سانت.

سَناٽي ۾ اچڻ؛ ماٺ ۾ اچڻ. حيران ٿيڻ.

سَناسِي؛ ص (سن. سنياسي) هندو فقيرن جو هڪ گروه. تياڳي- تارڪ.

سَنانُ؛ ذ (سن. اشنان) وهنجڻ- غُسل- تَڙُ.

سَنان پاڻي؛ ذ. وهنجڻ سهنجڻ.

سِنانَ؛ ث (ع) نيزي جي چهنب. نيزو- ڀالو.

سُنبُ؛ ذ (ف. سُمُ) گهوڙي يا گڏهه جو کُرِ.

سَنبانُ؛ ذ. ڪير ڄمائڻ لاءِ اُن ۾ وِڌل لَسِي وغيره.

سَنباهِڻُ؛ م. تيار ڪرڻ- تياري ڪرڻ.

سَنباهي؛ ث. تياري- سنبت.

سَنبَتَ؛ ث. تياري- سانباهو. سعيو. هلڻ يا وڃڻ جي تياري.

سَنبَتُ؛ ذ. سال- سن. وڪرمي سال جيڪو ٥٧ قبل مسيح کان شروع ٿيو هو.

سُنبُلُ؛ ذ (ف) هڪ خوشبودار گاهه ۽ ان جو گُل.

سُنبو؛ ذ. لوهه جي چهنبياري سيخ (سَل ڪڍڻ ۾ ڪم اچي).

سَنبوسو؛ ذ (ف. سموسه) هڪ قسم جي ٽڪنڊي ڪچوري جنهن ۾ قيمو ڀريل هجي.

سَنُبوهِي؛ ث. مڇين ڦاسائڻ لاءِ هڪ قسم جو جارُ.

سَنبَهڻُ؛ م. سنبرڻ- تيار ٿيڻ. سنبت ڪرڻ.

سَنَبندُ؛ ذ (سن) ملائڻ- جوڙڻ- ڳنڍڻ. تعلق- لاڳاپو- ڳانڍاپو. ناتو. ميلاپ.

سَنبارَ؛ ث. سنڀال. سماءُ. نظرداري. يادگيري. اُڪير. سارُولي. سجاڳي- جاڳ.

سَنبارُ؛ ذ. وڏو ڇَڙو (چوپائي، خاص طرح مينهن ڳئون کي ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ لاءِ).

سَنبارَڻُ؛ م. سنڀالڻ. سارڻ- ياد ڪرڻ. خبر لهڻ.

سَنبالَ؛ ث. سنڀار. نظرداري. جانچ. هوشياري. سُڌسماءُ. خبرگيري. پرورش. خبرداري- احتياط.

سنبال ٿيڻ؛ عورت کي وير جا سُور ٿيڻ.

سَنبالڻُ؛ م. ياد ڪرڻ- سارڻ. جهلڻ- روڪڻ. ڳڻڻ- شمار ڪرڻ. امداد ڪرڻ. خبرداري ڪرڻ. سهارو ڏيڻ. نڀائڻ- پالڻ- پرورش ڪرڻ. مدد ڪرڻ. ذميداري کڻڻ. سمجهه واري عمر ۾ اچڻ. پاڻ ڀرو ٿيڻ. نگهداشت ڪرڻ.

سَنباليندڙ؛ ص. نگهبان- راکو. رکپال. سرپرست. ڌڻي ڌوڻي.

سَنبرَڻُ؛ م. سنبت ڌارڻ- تياري ڪرڻ. وڃڻ لاءِ تيار ٿيڻ. سانباهو ڪرڻ. سعيو ڪرڻ.

سَنبُوڙو؛ ص. تيار ٿيو- سنبريل- تيار.

سَنتُ؛ ذ (سن) نيڪ- پارسا. پرهيزگار. معزز. سکر ماڻهو.

سُنتَ، ث (ع) ڪم ڪرڻ جو طريقو. روش- چال- هلت. زندگي گذارڻ جو درست طريقو. نبي ڪريم ۽ اصحابن سڳورن جو عمل. اها نماز جيڪا فرض نہ هجي. طهر- ختنو.
سُنت نَبوي، ذ. نبي سڳوري جو طريقو ۽ عمل.
سُنت وٺائڻ، شهپرن جا وار ڪَتنچيءَ سان ڪترائڻ. شهپر وٺائڻ.
سُنت وِهارڻ، طهر ڪرائڻ- ختنو ڪرائڻ.
سَنتان، ث (سن) نسل- پيڙهي. اولاد.
سَنتَرَ، ث. قطار- لانڍ- سنگهرَ.
سَنترِي، ص (انگ) پهريدار- چوڪيدار. فوج يا پوليس جو سپاهي جيڪو پهري تي هجي.
سَنجُ، ذ. گهوڙي جو هنو وغيره سازسامان.
سِنجافُ، ذ (ف) پانڪ- جهالر. هڪ تسم جو ڪپڙو.
سَنجَتُ، ذ. ناهہ نوهہ. سامان- اسباب. صفائي سٿائي. اوجر.
سِنجِرَڻُ، م. زمين مان پاڻي سِمَڻ. سيمو ڪرڻ. اُپڙڻ- اُپجڻ- پيدا ٿيڻ- اُيرڻ. شروعات ٿيڻ. مُنهن ڪڍڻ (ٻج، ٻار، بيماري).
سَنجَمُ، ذ. صرفو- ڪفايت شماري. سانگ صرفو.
سَنجَڻُ، م. گهوڙي تي سنج رکڻ- گهوڙو پلاڻڻ. سينگاري تيار ڪرڻ.
سِنجَڻُ، م. اُپائڻ (پاڻي. کوهہ مان). کوهہ مان پاڻي ڪڍڻ.
سَنجوڳُ، ذ (سن) دوستي- ياري. ملاقات- ميلاپ. اتحاد- ٻڌي. معاهدو.
سَنجوڳي، ص. مِلائيندڙ. (ذ) اهو جوڳي جيڪو شادي ڪري.
سَنجيدگي، ث (ف) بردباري- ڳنڀيرتا. دوانديشي. نهائي.
سَنجيدَہ، ص (ف) ڳنڀير- بردبار. دوانديش. نهيدو.
سَنجهہَ، ث. سانجهي- سنجها. شام. نما شام. سج لٿي جي مهل. رات.
سَنجهہ صبح، ظ. صبح شام. هروقت. گهڙي گهڙي.
سَنجها، ث. سنجهہ. سانجهي. سج لهڻ جو وقت- مغرب. رات جو پهريون پهر.
سَنجهو، ذ. رات جو پهريون پهر. سج لٿي جي مهل. سومهڻي.
سنجهو گرڻ، سومهڻي جو وقت گذرڻ.
سَنَدَ، ث (ع) ثابتي. لکيت ۾ ثابتي. دستاويز. پروانو. سرٽيفڪيٽ. تصديق نامو. اجازت نامو.
سَنَديافتہَ، ص. سَنَد مليل. سرٽيفڪيٽ ورتل.
سُنڊُ، **سُنڊڙو**، ذ. ڪکن ڪانن مان ٺهيل ڍڪ سان ننڍڙي پيتي يا ٽوڪري (سُٽ پٽ يا سُئي سڳي رکڻ لاءِ).
سَنداڻِ، ث (ع. سَندان) لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار. لوهہ جو ٽُڪر جنهن تي اوزار ٺهن- آهرڻ.
سُندَرُ، ص (سن) سهڻو- حسين- خوبصورت. وڻندڙ- موهڻو.
سُندَرتا، ث (سن) سونهن- سوڀيا- حسن. خوبصورتي.
سُندرِي، ث (سن) سهڻي- موهڻي. (ث) ننڍي شرناءِ.
سَندِرَڻُ، م. زمين يا مٽيءَ کي هموار ڪرڻ- سنئون ڪرڻ. ڪوڏر سان مٽي وِڇائڻ.
سَندِرو، ذ. ڪمر پٽو. چيلهہ ۾ ٻڌل ڪپڙو. ملهہ وڙهڻ لاءِ وٽيل ڪپڙو (جيڪو پهلوان چيلهہ ۾ ٻڌن).
سَندرو ٻڌڻ، ڪنهن ڪم لاءِ تيار ٿيڻ. همت ٻڌڻ. ڪوشش ڪرڻ.
سَندرو جهلائِڻُ، ڪم ۾ مدد ڪرڻ. مدد ڪرڻ. هٿ ونڊائڻ.
سَندرو ڪرڻ، ملهہ وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ. مقابلي لاءِ تيار ٿيڻ.
سَندو، حرف اضافت. وارو. پنهنجو. (ظ) جهڙو.

(ث. سَنڌي)

سَنديسُ، سَنديسو: ذ (هندي) پيغام- نياپو- سنيهو. حڪم- فرمان.

سَنڌِ: ث. ڪاٽُ- سرنگهه. ڀِلن مارڻ جو هڪ قسم جو ڏِگهو ڄارُ.

سَنڌُ: ذ. بدن ۾ هڏن جو جوڙ- هَڏن جي ڳنڍجڻ وارو حصو- ڳنڍُ. درزَ. سيرَ. عضوو.

سَنڌائتو: ص. سَنڌ تي. ڏنگ تي. پوري هنڌ تي- هنڌائتو.

سَنڌ سُڪڻ: عضوا هيٺا ٿيڻ. ڪم ڪار ڪان بيڪار ٿيڻ. ٽوٽي ٿيڻ.

سِنڌُ: ث. قديم دور ڪان قائم هڪ صوبو (جيڪو هاڻي پاڪستان ۾ شامل آهي).

سِنڌواسِي: ص. سنڌ جا رهاڪو.

سِنڌڙي: ذ. هڪ آڳاٽو ساموندي بندر.

سِنڌُو: ث. سنڌ مان وهندڙ درياءُ (جيڪو هماليه جبل مان نڪري ڪشمير، سرحد، پنجاب ۽ سنڌ مان وهي عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري).

سَنڌوَرڪِي: ذ. ڏورانهن ملڪن ۾ تجارت ڪندڙ سنڌ جا ماڻهو.

سَنڌڻُ: م. آچار وجهڻ- سانڌالو ڪرڻ. سانڍڻ. هڪ هنڌ گهڻو وقت رکي ڪِنو ڪرڻ. ڳنڍڻ- جوڙڻ.

سَنڌو: ذ. ويڇوٽي- وِٿي. حدفاصل. ڏنگ. جدا ڪرڻ وارو نشان. ڇيڙو.

سَنڌو سِيڙهو: ذ. حد- ڏنگ. ويڇو. تفاوت- فرق. لڳ لاڳاپي ۾ جدائي.

سِنڌُو درياءُ، سنڌوندي: ث. سنڌ جو مشهور درياءُ.

سِنڌِي: ث. سنڌ جي ٻولي. (ص) سنڌ جو رهاڪو.

سِنڌي سُونهون: ذ. سنڌي ٻوليءَ جي درسي ڪتابن ۾ آيل ڏکين لفظن ۽ اصطلاحن جي معنائن وارو ڪتاب.

سَنبَ (ث)، سَنبُ: ذ. سيٺاهه. سانڌارو (جنهن کي ڦوڪي هوا ڀري پاڻيءَ ۾ ترڻ لاءِ ڪم آڻجي). پکال- مشڪ.

سَنباسُ: ذ. ڪاڪُوس (جنهن ۾ ٻاهران ڀنگي صفائي ڪري). اهو کُوهه جنهن جي تري ۾ لوڻ پري، مٿان مُنهن ڍڪي ڳَڙکو ڇڏجي جنهن مان پاخانو اندر وڃي.

سَنبَڻُ: م. ترڻ. ترڻ يا ڪنهن ڪم لاءِ حوصلو ڪرڻ. همت ڪري اڳتي وڌڻ. سيٺاهه جي وسيلي درياءُ ترڻ جو حوصلو ڌارڻ.

سَنبِي: ث. اها عورت جنهن کي حمل نه ٽِڪي.

سُنبِي: ث. سُڪل ادرڪ. جوئر ٻاجهر جي لاباري ڪان پوءِ زمين ۾ رهيل ڪانن جون پاڙون ۽ ڪُٽون.

سَنبُو: ص. ٻن ڀيڻن جي مڙسن جو پاڻ ۾ سڱ- سالي جو مڙس. هَم زُلف.

سَنبورَ: ث. سنڀال. پرداخت. پرگهور. پالنا.

سَنبورڻ: م. سنڀالڻ. نڀائڻ- پالڻ. سانڍڻ.

سُنبِي: ث. پوک ۾ ڪاني جي ڪُتَ. گوشت جي مُشڪَ. ٻُوٽي- ترَ. پوک يا ٻُوٽن کي ڪائيندڙ هڪ قسم جو ڪينئون.

سَترو: ص. تازو. تازوتوانو. تندرست- چڱو ڀلو. خوش- سرهو. سکيو آسودو.

سَنسارُ: ذ (سن) دنيا- جهان- عالمُ. ڪائنات.

سُنسان: ص. اُجاڙ- ويران. سُڃَ. خاموشي- ماٺ.

سَنسڪرتِ: ث (سن) سنڀال سان ٺهيل. بناوٽي- مصنوعي. مڪمل- پورو. سينگاريل. اعليٰ. صاف سُٿرو. صرف نحو جي قاعدن تي ٻڌل ٻولي. هندن جي قديم ٻولي.

سَنسو: ذ. انديشو- گمان. شڪ- ڏپ. وهم- ڀرم.

ويچار- انومان.
سَنڪلي، ث. زنجير- سنگهر. ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ ڳهہ.
سَنڪَڻُ، م. ڀڄڻ- ڊپ کان ڊڪڻ.
سَنڪو، ذ. ڊپ- پوَ- اُڊڪو.
سَنڪُ، ذ (سن. شنک) ڪوڏُ (هندو فقير ديوتائن جي اڳيان وڄائين) ناد- ناقوس. ڳَشپ جو هڪ ڏاڪو (هڪ سئو ڪرب).
سَنڪيو، ذ. هڪ قسم جو زهريلو وڪر.
سَنگُ، ذ. پڪل پوک جو داڻن وارو مُچو- سئو- خوشو.
سَنگ وڃڻ، قطعي فيصلو ڪرڻ- قطع تعلقات ڪرڻ.
سَنگ، ذ (ف) پٿر- حجر- پَهڻ.
سَنگ آسوَد، ذ. ڪارو پٿر. ڪعبة الله جي ديوار ۾ لڳل مقدس پٿر.
سنگباري، ث. پٿر هڻڻ يا اڇلڻ جو عمل.
سَنگتراش، ص پٿر گهڙيندڙ. پٿر تڪيندڙ. پٿر کي گهڙي چٽسالي ٺاهيندڙ.
سنگتراشي، ث. پٿر کي گهڙڻ ۽ ان تي نقش نگاري ڪرڻ جو هنر.
سنگ جراح، ذ. هڪ قسم جو پسارڪو وڪر.
سَنگدل، ص (ث) پٿر جهڙي ڏاڍي دل وارو. سخت دل- ڪٺور. بيرحم. ظالم.
سنگدلي، ث. بي قياسي. بيرحمي. ظلم.
سَنگريزو، ذ (ف) ننڍڙو پٿر- ڪڪرو- پَهڻي.
سَنگسار، ذ (ف) زنا جي ڏوهاري کي پٿرن سان مارڻ جي شرعي سزا.
سنگسار ڪرڻ، ڏوهي کي پٿر هڻي مارڻ.
سَنگلاخ، ذ. پٿريلي زمين. (ص) ڏکيو- دشوار.
سَنگ لوح، ذ. قبر جو پٿر (جنهن تي نالو وغيره لکيل هجي).
سَنگمَرمَر، ذ. هڪ قسم جو اڇو عمارتي پٿر.
سَنگُ، ذ (سن) صحبت- ياراني. دوستي. رفاقت- همراهي.
سِنگُ، ذ (سن. شنگهہ) شينهن- شير. هندن جي نالي جو آخري حصو. سِنگهہُ.
سَنگُ، ذ. محصول- ڍل. ڏانُ. سردار يا حاڪم کي ڏنل ساليانِي ڍل- ڏَنُ.
سَنگتَ، ث. دوستي- ياري. جماعت- سَٿ.
سَنگتي، ص. دوست- يار. همراه. ساٿي- بيلي.
سَنگترو، ذ. هڪ قسم جو ميوو- نارنگي.
سَنگچُورُ، ذ. هڪ قسم جو نانگ (پاڻيءَ ۾ رهندڙ).
سِنگرُ، ذ (انگ) ڳائڻو
سِنگِلُ، ص (انگ) اڪيلو- هڪڙو. ڇڙو. سِگنَلُ- اشارو.
سِگنل ڏيڻ، اشارو ڏيڻ. توجهہ ڏيارڻ.
سَنگمُ، ذ (سن) گڏجاڻي- ميلاپ. ملاقات. اتصال. ٻن دريائن گڏجڻ وارو هنڌ.
سَنگيتُ، ذ (سن) گهڻن جڻن جو گڏجي ڳائڻ. گڏجي ڳايل راڳ. راڳ. موسيقي.
سَنگين، ص (ف) پٿر جو- پٿر مان ٺهيل. سخت مضبوط- ڏاڍو.
سَنگين، ث. بندوق جي نالي تي چڙهيل خنجر جهڙو چهنبيارو هٿيار.
سَنگيني، ث (ف) مضبوطي. سختي- ڏاڍائي.
سِنگهہ، ث. نڪ جي غلاظت- لِمَ.
سِنگهہُ، ذ (سن. شِنگهہ) شينهن- شير. پهلوان- سورهيه. هندن جي نالي جي صفاتي علامت. گرونانڪ جو پوئلڳ- سِکُ.

سَنگها؛ ث. حمل جو ٻج- حمل.
سَنگهارُ؛ ذ. مالدار- مالوند. ڀاڳيو.
سَنگهاسَنُ؛ ذ (سن) تخت.
سِنگهائڻ؛ م. سُونگهائڻ. واس وٺائڻ.
سَنگهَرَ؛ ث. زنجير- ٽِيَرُ.
سِنگهِرُ؛ ص. جنهن جي نڪ مان هروقت غلاظت وهي. گدلو.
سِنگهَڻُ؛ م. سُونگهڻ. واس وٺڻ. سنگهه ڪڍڻ (نڪ مان).
سَنگهو؛ ذ. مِروُن (سُوئر) جو نيش- وَڄُ.
سَنگهوڙَ؛ ث. ملائڻ يا گڏڻ جي حالت. پيچائڻ. سوڙهه.
سَنگهوڙڻ؛ م. گڏڻ. جمع ڪرڻ- پيچائڻ.
سِگِرُ؛ ص. سگن وارو (جانور). ويڙهُو- اهنڊ (وهٽ)
سَنمانُ؛ ذ (هندي) عزت- مانُ. آدرڀاءُ. مرحبا.
سَنمک؛ ظ. آمهون سامهون. منهن مقابل- دوبدو. سرخرو.
سَنوارَ؛ ث. ٺاهپ. درستي- اصلاح. سُوڌَ. سڌارو- بهتري.
سَنوارَتَ؛ ذ. ڏاڙهي مُڇن جي حجامت.
سَنوارتَ وٺائڻ؛ ڏاڙهي مُڇن جا خط وٺائڻ.
سَنوارَڻُ؛ م. درست ڪرڻ- ٺاهڻ- سڌارڻ. ترتيب سان رکڻ. سِڌو ڪرڻ- هموار ڪرڻ. سنئين طريقي سان ٺاهڻ جوڙڻ. سينگارڻ.
سَنواريو؛ ص. سڌريل. بخت وارو- ڀاڳ وارو.
سُنوالو؛ ظ. سوايو- سرس. ٿورو زياده- ٿورو وڌيڪ.
سَنوَتَ؛ ث. سڌائي- سُوڌائي. هڪ جهڙائي (زمين يا ترَ جي)- همواري.
سَنوَت ڏيڻ؛ سهنجائي ڏيڻ. ٺاهه ۾ اچڻ- ٺهي وڃڻ. چٺي ۾ اچڻ.
سَنوپرو؛ ص. چڱو- خاص معزز.
سَنوَرَڻُ؛ م. سنئون ٿيڻ. سڌو ٿيڻ. هموار ٿيڻ- سنڌرجڻ (پٽُ. زمين). سُڌرڻ. سينگار ڪرڻ. سنبرڻ.
سونَهرِي؛ ص. سون جو- سونو- زرين- طلائي. سون جي رنگ جهڙو.
سُنهُن؛ ذ. قسم- ٻوهي. ساک- ويساهه.
سَنهو، سنهو ؛ ظ. باريڪ- سَنهڙو. هلڪو (جسم). ڏٻرو- هيٺو- اپرو. نازڪ- نفيس. (ث. سَنهِي، سَنهين).
سَنهِي بُوندَ؛ ث. ڦڙ ڦڙ- هلڪو مِينهن.
سَنهِي مَڇي؛ ث. ننڍي مڇي- ڪچي مڇي.
سَنئون؛ ظ. سِڌو- هموار- لسو. (ث. سَنئين).
سَنئون سِڌو؛ ظ. بنان ور وڪڙ جي. مُنهن سامهون. سادو سُودو (ماڻهو). ايماندار.
سنئون سَنواٽو؛ ظ. سادو سودو. ايماندار. سچيو.
سَنئين مُنهُن؛ ظ. اخلاق سان- خوش اخلاقي سان. توجهه سان. ڌيان سان.
سُنِي؛ ذ (ع) نبي سڳوري ۽ اصحابن جي سُنت تي هلندڙ مسلمانن جي جماعت. مسلمانن جو فرقو (جيڪو حديثن ۽ خلفاء راشدين کي مڃي).
سَنياسُ؛ ذ (سن) ترڪ- تياڳ. دنيا کي ترڪ.
سَنياسِي؛ ص. دنيا کي ترڪ ڪندڙ- تارڪ. ويراڳي- ساڌو.
سَنيهُ؛ ذ. نيهُن- قرب- پريت. ياري.
سَنيهو؛ ذ (سن. سنديش) نياپو- پيغام- سنديسو. محبت وارو پيغام.
سِيِ؛ ث. هڪ قسم جو ٻوٽو جنهن جي تيلين مان (سٽي جا) ريشمي تاندورا نڪرن. ٿر ۾ ٿيندڙ هڪ گاهه جو قسم.
سٽائڻُ؛ م. ٻڌائڻ- ڄتائڻ. آگاهه ڪرڻ.
سٽائو؛ ص. سولو- سَهنجو. سکيو. فائدي وارو.

(ضد. اگهائو)
سگهائو واءُ: ذ. اهو واءُ جنهن ۾ ٻيڙي هاڪاري سگهجي- سولو واءُ.
سگهائي: ث. سولائي- سهنجائي. پلائي. فائدو- لاڀ.
سگهائي ٿيڻ: لاڀ ٿيڻ- فائدو ٿيڻ- حاصلات ٿيڻ. ڪاميابي ٿيڻ.
سگهيءُ: ذ. گيهه، تيل، چربي وغيره جي چڪنائي. روغن.
سگهيو: ص. سگهيءَ وارو- چڪنو. روغن وارو. فائدو ڏيندڙ.
سگهيو گراهه: ذ. گيهه وارو کاڌو يا طعام. (ڪُٽي وغيره) سُنو کاڌو. فائدي واري آسامي. سکيو سَتابو. (ث. سگهي)
سگهس: ث. سُڌ- خبر. ڪُڙڪ. توري خبر.
سِهڪَ: ث (ع. صحنڪ) ٿالهي- رڪابي. ٺِڪر جي ٿالهي. ڪاشيءَ جي پاٽ.
سُڪڪاٽُ: ذ. نَڪ مان غلاظت ڪڍڻ يا سُڪڻ جو آواز.
سُڪڪڻُ: م. ڪا شيءِ نَڪَ جي ذريعي دماغ ڏانهن ڇڪڻ (ناس، روغن وغيره). نڪ صاف ڪرڻ- سنگهه ڪڍڻ.
سگهڻُ: م. ٻُڌڻ- ڪَنُ ڏيڻ- ڪنائڻ. ڌيان ڏيڻ.
سِڳي: ث. "سِڻ" ٻُوٽي مان نڪتل ريشمي تاندورا (جن مان سوتلي، ڳوڻ ڪپڙو وغيره ٺهي).
سو: ض. "جو" ضمير موصول جو جوابي ضمير. اهو. تڏهن- تنهن ڪري.
سَئُ، سَئو: ص. هڪ عدد- صد (١٠٠).
سئو پورا ٿيڻ: فوت ٿي وڃڻ- حياتيءَ جا ڏينهن پورا ٿيڻ.
سَوُ: ث (ف) طرف- پاسو- ڏِس- سمت- جانب.
سَوا: ص. هڪ سڄو ۽ ٻئي جو چوٿون حصو.

سُوا، سُئا: ث. ڪير ڏيندڙ چوپائي.
سُواتَ: ث. سولي وات. سڌي وات. سنئون رستو. (ث. ڪُوات)
سَواحِل: ذ (ع) "ساحل" جو جمع. ڪِنارا- ڪَپَ.
سَواحِلي: ص. ڪناري وارو.
سَواد: ذ (ع) اونداهي- تاريڪي. ڪاراڻ. شهر جو آسپاس وارو علائقو.
سَواد اعظم: ذ. وڏو شهر. مَڪو معظم.
سَوادُ: ذ. ذائقو. لذت- مزو. چشڪو.
سَوادي: ص. لذيذ- ذائقي وارو.
سُوادائي: ث. خوشخبري. مبارڪباد- سٺي خبر.
سُوارُ: ذ (ف. سَوار) چڙهيل (ڪنهن وهٽ تي)- هسوار. ڪنهن وهٽ يا گاڏيءَ تي چڙهيل. فوج يا پوليس جو سپاهي جنهن کي گهوڙو مليل هجي.
سُواري: ث. وهٽ يا گاڏيءَ تي چڙهڻ جي حالت. وهٽ يا گاڏي (جنهن تي چڙهجي). چڙهي- هسواري.
سَواگت: ذ (سن) آجيان- مرحبا- آدر ڀاءُ.
سُوالُ: ذ (ع) درخواست. عرض- گذارش. پُڇا. گهُرَ. رياضي جو حل طلب مسئلو.
سُوالات: ذ (ع) "سوال" جو جمع.
سوال جواب: ذ. گفتگو- ڳالهه ٻولهه. مباحثو. پڇاڳاڇا.
سُوال ڪرڻ: پڇڻ- پڇاڳاڇا ڪرڻ. هٿ ٽنگڻ- طلب ڪرڻ. خيرات گهُرڻ.
سُوالِي: ص. گهُرندڙ- طلب ڪندڙ. پينو. منتائو.
سُوامي: ص (سن) مالڪ- ڌڻي. سردار. حاڪم. مڙس- خاوند. اُستاد. گرُو.
سُوانجِڙو، سُئانجڙو: ذ. ويم واري عورت لاءِ ضروري وکر (جنهن کي ويم جو ٻنيهو پڙو چون). وڻ

جو هڪ قسم.

سَوانح: ث (ع. "سانحہ" جو جمع) حادثا، واقعا.

سَوانح عُمري: ث. حياتي جا حادثا ۽ واقعا. زندگيءَ جو احوال- سرگذشت.

سَوانح نگار: ذ. واقعات لکندڙ.

سُواهَرُو: ص. واهر ڪندڙ. سُني مدد ڪندڙ.

سَواءِ: ظ (ع) بغير- علاوه- ڌاران.

سُواءُ: ذ. سٺائو واءُ، چڱي سُني خبر.

سَوائي: ث. سوا حصو وڌيڪ. زياده- وڌيڪ. رُونگَ.

سَوايو: ص. هڪ سڄو ۽ ہئي جو چوٿون حصو. وڌيڪ- زياده. مقرر انداز کان ٿورو وڌيڪ. سُوالو.

سُوبَٽُ: ذ. ٻُوجرن وارو ڪينئون. ريشم جو ڪينئون (جيڪو وڻن جا پن کائي ريشم جو ڪوپو ٺاهي).

سوڀ: ث. فتح- جيت- ڪَٽ. سَرسي- ڪامراني. ڪاميابي.

سوڀَ ڪَٽڻ: (طنزيہ) جڏو ڪم ڪرڻ. ڪُڏو ڪم ڪرڻ. خواريءَ جهڙو ڪم ڪرڻ.

سوڀارو: ص. سوڀ وارو- فتحمند. ڪامياب. (ث. سوڀاري).

سوڀيو: ص. سوڀارو- فاتح.

سوڀي: ص (سن. شوڀا) سُهڻي- سُونهن واري.

سوڀيا: ث (سن. شوڀا) سونهن- حُسن. رونق. چلڪو چمڪو. سينگار.

سوڀياوان: ص. سونهن وارو- حسين- خوبصورت- سهڻو.

سُوٽُ: ذ. انچ جو ڏهون حصو. تمام ٿورو ذرو.

سُوٽِلي: ث. سٽيءَ مان ٺهيل ڏوري. سٽيءَ جي ڏور. سٽيءَ مان ٺهيل رسي.

سُوٽِي: ث. ڪنهن سودي طئي ٿيڻ تي اڳوات ڏنل ڪجهہ رقم- ٻَيانو- بيعانو.

سوٽُ: ظ. سخت. ڏاڍو چڪيل- ڪشيل. سُڪل- ٺوٺُ.

سَوٽُ: ذ. چاچي جو پُٽ- عمزاد. (ث. سَوٽِ).

سُوٽَ: ث. سُورَ جي لهر. سُورَ جي چِيڪارَ. پيڙيءَ جي ٺوڪَ. چُڀي- چڪَ.

سُوٽون اُيرڻ: رکي رکي سُور جون لهرون اُيرڻ. اُدما اُٿڻ.

سُوَٽُ: ص. چڱي طرح وٽيل- ڏاڍو وٽيل (رَسو).

سُوٽُ: ذ (انگ) ڪپڙن جو وڳو. انگريزي پَتلون.

سُوٽ ڪوٽُ: ذ. مڪمل انگريزي مرداني ڊريس.

سُوٽ ڪيسُ: ذ. ڪپڙن رکڻ لاءِ چمڙي وغيره مان ٺهيل پيٽي.

سُوٽارُ: ذ. سُوٽهڙُ.

سُوٽڻُ، سُوٽڻُ: م. مَهٽڻ- آيڻ. مالش ڪرڻ. ڇڀي ڏيڻ- سَٽَ ڏيڻ.

سُوٽو: ذ. چلم يا پيڙيءَ وغيره جو ڪَش- دَمُ.

سُوٽو هڻڻ: دَمُ هڻڻ.

سُوٽهڙُ: ذ. هندو وائو. هندن جي هڪ قوم جيڪا وائڪو ڪم ڪري.

سوٽي: ص. سُٽ جو- سُٽَ مان ٺهيل (ڪپڙو وغيره).

سَوٽِي: ث. سَٽڻ جي ڪاٺي. تندو ڪاٺيءَ جو ٽُڪر. ڪپڙن سٽڻ جي ڏُنگري- سَوٽِي.

سوٺائتو: ص. وڻنديءَ تي- پسنديءَ موجب- مڪياري. ذميواري سان.

سوٺو: ذ. ذمو- جوابدي- ضمانت. انجام- اقرار. ذمياريءَ جو اقرار.

سوٺا سهڻ: ذميداري کڻڻ. انجام اقرار ڪرڻ. ذميداري جو بار کڻڻ.

سُوپُ: ذ (انگ) شوررو- رَسُ- يخني.

سوپارو: ذ. خاص عضوي جو منڍ وارو حصو- تضيب.

سوپاري: ث. هڪ قسم جو وڻ ۽ ان جو ڦرُ (وات

صفائي لاءِ يا پان ۾ کائجي).
سَوپيرِي، ث هڪ قسم جو ڪينئون (جنهن کي هڪ سئو پيرَ ٿين).
سُوجِي، ث. ڪڻڪ جو سنهون ڏارو. ڪڻڪ جو ٿلهو اٽو (سيري يا مٺائي ٺاهڻ ۾ ڪم اچي).
سوڄَ، ث. آماس- ورم. ٿوٿر. ڦُندَ.
سوجهہَ، سُوجهہَ، ث. نظر- نگاه- ديدَ. سمجهہ. سُرت.
سوجهاڳو، سوجهاڪو، ذ. سوجهرو- سُهائو. سُجهَندو.
سوجِهرو، ذ. روشني- اُهاءُ. سُجهندو. جوت. سوڀ- ڪاميابي.
سوجَهڻ، م. نظر ڪرڻ- نهارڻ- ڏسڻ. ڳولڻ. سمجهڻ.
سوچ، ث. طهارت- مسحو- استنجا.
سوچَ، ث. ويچار- فڪر- غور. ڌيان- خيال. ساڃهہ.
سوچَ ڪرڻ، خيال ڪرڻ. ويچار ڪرڻ. ڌيان ڏيڻ.
سُوچُ، ذ (انگ) سُئِچ. ٻُوچ.
سوچَڻُ، سوچِڻُ، م. ويچارڻ- خيال ڪرڻ- غور ڪرڻ.
سوچَ وِيچارُ، ذ. غورفڪر- ڳڻ ڳوت.
سوچِي، ص. جُتيءَ تي مڙهت جو ڪم ڪندڙ موچي (عموما ماڙيچو موچي). سراڙُ.
سوچِي سَمجهِي، ظ. ڏسي وائسي- ڌيان ڪري- جانچي جونچي. ڄاڻي ٻُجهي.
سوختُ، ص (ف. سوختہ) باهہ ۾ پڪل. باهہ ۾ سڙيل.
سوختَگِي، ث (ف) ساڙو- جَلُ- ڪامَ. تڪليف.
سوختَہ، ص (ف) سڙيل (باهہ ۾)- جليل- ڪاڙهل. آزاريل. غمگين.
سُودُ، ذ (ف) وياج- وَٽو. نفعو- فائدو- لاڀُ. اُپت- ڪٽيو. پلاڻي.
سُودخورُ، ص. وياج کائيندڙ.
سُودمَند، ص. فائدي وارو. لاڀ وارو. اُپت وارو.

سوداگرُ، ص (ف) واپاري. ٻَڌي اگهہ تي وکر جي خريد فروخت ڪندڙ. وڻجارو. تجار.
سوداگرِي، ث. واپار. تجارت. ڏيساور جو واپار.
سَوداء (ث)، سَوداءُ، ذ (ع) جنون- چريائپ. خبط- خفقان. ڀُور- خيال. هڪ قسم جو دماغي مرض.
سَودائِي، ص. چريو. جنوني. خفقاني. ڀُورالو.
سَودَڻُ، سَودِڻُ، م. وٺڻ- خريد ڪرڻ. سَودو ڪرڻ. مُلهہ پڇڻ.
سَودو، ذ (ف) واپار. ڏيتي ليتي- خريد فروخت. تجارت. بازار مان خريد ڪيل شيءِ- وکر وانو.
سَودو ٿيڻ، واپار ٿيڻ. اگهہ طيءِ ٿيڻ.
سَودو سُلُف، ذ. وکر وانو- شيءِ شڪل (بازار مان خريد ڪيل). ريزڪي سيڌو سامان.
سَودو ڪرڻ، واپار ڪرڻ. ڏي وٺ ڪرڻ.
سُوڌِ، ث. سِڌائي- سِڌِ. سنوت. سوڌائي. (ظ) سڌو. صحيح- ٺيڪ.
سُوڌِ ٻُوڌ، ظ. سنئون سڌو. هوبهو- ٺِس پِس.
سُوڌِ سَنوار، ث. درستي- اصلاح. ٺاهپ- ٺاهہ جوڙ- سينگار.
سُوڌائِي، ث. سنوت- سِڌائي. درستي. هڪجهڙائي.
سُوڌَڻُ، سُوڌِڻُ، م. سنئون ڪرڻ- سڌو ڪرڻ. درست ڪرڻ. سنوارڻ. سلجهائڻ. صاف ڪرڻ. پاڪ ڪرڻ. تربيت ڏيڻ.
سُوڌو، ظ. سنئون- سڌو. ٺيڪ- برابر. ساڻ- سميت. (ث. سُوڌي)
سُوڌِيتُ، ذ. پڪ- خاطري.
سوڊا، ث (انگ) ڪار. هڪ قسم جو اڇو پائوڊر جيڪو هاضمي لاءِ مفيد آهي- مٺي سوڊا.
سوڊا واٽر، ذ. بوتل ۾ بند مِٺي سوڊا وارو پاڻي.

سويا: ذ. راجپوتن جي هڪ نکَ.

سوڍو: ذ. مومل راڻي جي قصي جو مشهور ڪردار (راڻو سوڍو). (ص) پيارو- دلبر.

سورُ: ذ سُوئر- خنزير.

سُورَ: ث. "سُورة" جو مخفف.

سُورُ: ذ. ايذاءُ- عذاب. درد- پيڙا. اهنج. ڏکُ- غم- افسوس- رنج.

سُورَ ڏيڻ: عورت کي ويم جي سنيال ٿيڻ.

سُورَ پٽڻ: ڏک سهڻ- ڪشالا ڪڍڻ- محنت ڪرڻ.

سُورَ پچارَ: ث. ڏکن سورن جون ڳالهيون. عشق جي ماجرا.

سُورُ پيڻ: ڪاوڙ جهلڻ. غم سهڻ.

سُوراٽِجَڻُ: م. سُور جون سُوٽون اُيرڻ. سُورُ ٿيڻ. سُورَ کان وٽجڻ. تمام گهڻو سُور ٿيڻ.

سُوراِتو، سُوريتو: ص. ڏکويل- غمگين. ملول. (ث. سُوراتي، سُوريتي)

سوراخُ: ذ (ف) ڇيد- ٽُنگُ- رخنو- سَلُ. ڳُڙک.

سُورَتَ: ث (ع. سُورة) قران شريف جو ڪوبہ هڪ باب (قرآن شريف ۾ ڪُل ١١٤ سورتون آهن).

سورَٺِ: ث. هڪ راڳڻيءَ جو نالو. "سورٺ- راءِ ڏياچ" جي قصي ۾ هڪ ڪردار. (ص) سهڻي- حسين- خوبصورت.

سورَٺيو: ص. "سورٺ" علائقي جو رهاڪو. "سورٺ" سُر ڳائڻ وارو. ڳائڻو.

سورَجُ، سُورجُ: ذ (سن. سُوريہ) سج- شمس.

سُورج مکي: ذ. هڪ قسم جو گُل (جنهن جو رخ هميشه سج ڏانهن ٿيندو رهندو آهي).

سُورج مَنڊَلُ: ذ. سج جي ڪشش ۾ هلندڙ جملي گرهہَ- نظام شمسي.

سُورداسُ: ص. انڌو- نابين.

سُورمو: ذ. بهادر- دلير- سورهيہ. (ث. سورمي).

سُورمائي: ث. بهادري- دليري- سورهيائي.

سورَڻُ، سورِڻُ: م. هڪ هنڌان ڪڍي ٻئي هنڌ رکڻ. چورڻ- سيرڻ- ريڙهڻ. صاف ڪرڻ (ان). ميڙڻ- ٻُهارڻ.

سورَهن: ص. هڪ عدد (١٦).

سورهن سينگار: ذ. "سينگار شاعري" جي هڪ موضوع مطابق اُهي اضافي شيون جن سان عورت پنهنجي روپ جي سُونهن وڌائي (مثلا: ڏندڻ، مساڳ، سرمو، اٻٽڻ، مِسي، چندن، نير، خوشبوءِ، ڦُلي، تيل، سيندر، ميندي، لاک، سرخي، ڪيسر، پان، بندي، گل ۽ پوشاڪ).

سُورِهيَہ: ص. بهادر- سورمو- شجاع.

سورهيائِي: ث. بهادري- شجاعت- دليري.

سُورِي: ث. هڪ قسم جي پيٽ جي بيماري- پيچش.

سُورِي: ث. ڪوهہ تي رکيل ڪاٺي. قديم دور جي سزا جو هڪ طريقو (ڪوهہ تي رکيل ڪاٺي تي مجرم کي وهاريو ويندو هو، آخر مجرم ٽڪجي ڪرندو هو، ۽ ڪوهہ جي تر ۾ ڪتل ڀالا ڪيس ماري ڇڏيندا هئا).

سُوريءَ تي چڙهڻ: ڦاسي تي چڙهڻ.

سَوڙَ، سَوڙِ: ث. ڪپهہ سان ڀريل اوڇڻ- رضائي.

سَوڙ آهر پير ڊگهارڻ: ڪمائي سارو خرچ ڪرڻ. وِت آهر هلي چلي ڪرڻ.

سُوڙَو: ص. ڇگن ڳٽن وارو- سلڇڻو. ٻاجهارو.

سوڙهہ: ث. تنگي- گهٽتائي- ڪمي. تنگ دستي. گهٽَ- مونجهہ.

سُوڙهہَ: ث. روڙَ- رُومڙ- لوهہَ. ٽڪي ڊوڙ. اُلرَ. ڪوڏي ڪوڏي، ٻيلهاڙي يا سُوڙهہ راند ۾ حدبندي لاءِ وچ ۾ مقرر ليڪو.

سوڙهاڳَ: ث. جاءِ جي تنگي- پيهه- ڳاهٽ.

سوڙهائي: ث. سوڙهه- تنگي. سوڙهاڳ.

سُوڙهه چَٽَ: ث. ريج ڪيل زمين ۾ سارين جي چَٽ پوک.

سوڙهو: ظ. تنگ. ننڍو (وڳو)- چوٽو. ويجهو- نزديڪ. (ث. سوڙهي)

سوڙهو جَهلڻ: گهُٽي جهلڻ- قابو جهلڻ. تڪليف ڏيڻ- آزارڻ. تنگ ڪرڻ. لاچار ڪرڻ.

سوڙهو سَنگهوڙو: ظ. بلڪل تنگ- پچي ويل.

سوڙهو ڪرڻ: تنگ ڪرڻ. گهُٽڻ- زيرباز ڪرڻ.

سوڙهو گهٽڻ: تنگ ڪرڻ. مجبور ڪرڻ.

سوڙهي: ث. تنگي- اڻاٺ. ڏکيائي. سختي. مصيبت.

سوزُ: ذ (ف) ساڙُ- جَلُ- ڪامَ- سوزش. ڏک- درد. رنج- غم. مرثيه خواني جي هڪ طرز. (ص) ٻرندڙ- جلندڙ. مرڪب لفظن ۾ ايندڙ صفاتي پڇاڙي، جيئن جگر سوز، دل سوز وغيره.

سوزخواني: ث. مرثيه خواني جي هڪ لئي.

سوزو گُداز: ذ. ڏک، رنج ۽ جهوري.

سوزاڪُ: ذ (ف) هڪ قسم جي بيماري- پرميل.

سوزِش: ث (ف) ساڙو- جَلُ. ڏک- رنج.

سوزِن: ث (ف) سُئي- اِبر.

سوزَنِ ڪاري: ث. سُئيءَ جو پرت.

سوسُ: ذ. سُسَن جي حالت. سوڪڙ- تخفيف- گهٽتائي. سانگ صرفو. ڪفايت. ڪنجوسي. ناميدي.

سوسُ پَئڻ: ڪمي يا گهٽتائي جي ڳڻتي ڪرڻ بدران دل کي ڏڍ ڏيڻ. اميد لاهڻ.

سُوسات: ذ. هوا جو ڪنهن چيز سان لڳي پيدا ڪيل آواز.

سُوسائِٽي: ث (انگ) انجمن- سَڀا- جماعت.

سُوسَٽُ: ذ. سوساٽُ.

سُوسڙاٽ: ذ. لڪڻ وغيره جو زور سان لڳڻ جو آواز. تڪليف ۾ وات مان نڪتل آواز.

سُوسڙي: ث. آتشبازي جو هڪ قسم (دارون سان ڀريل پوپو جيڪو شرڙاٽ ڪري ٻري).

سوسڙيون پارڻ: فتنو جاڳائڻ. افواه اٿارڻ. لائي چائي ڪرڻ.

سوسِمار: ذ (ف) ڳوهه (جانور).

سوسَن: ذ (ف) گل جو هڪ قسم.

سوسِنو، سوسِني: ص. 'سوسن' گل جو رنگ. آسماني- نيرو.

سوسو: ذ. ڪنجوسي. ڪفايت. سوس.

سُوسِي: ث. هڪ قسم جو رنگين ڌارين (پَٽين) وارو ڪپڙو.

سوشل: ص (انگ) سماجي (معاشرتي، عمراني ۽ تمدني).

سوشلِزم: ث (انگ) جمهوريت جي اجتماعي ترتيب وارو حڪومتي نظام جنهن ۾ ملڪيت ۽ پيداوار جو انتظام اجتماعي طور تي ٿئي.

سوغات: ث (ف) تحفو- سوکڙي.

سوفو: ذ (انگ. سوفا) ويهڻ لاءِ ڊيگهه واري ڪرسي (جنهن ۾ اسپرنگ، ناريل جا تاندورا ۽ ڪپهه ڀريل هجي).

سُوق: ذ (ع) بازار.

سُوقِيانه: ص. بازاري. عام.

سوڪَ: ث. سُڪل زمين. پاڻيءَ جي اڻاٺ. خشڪ سالي- سوڪهڙو.

سوڪُ: ص. سُڪل- خشڪ- ٺوٺ. چڱي طرح پڪل (ماني). سڪل ماني.

سُوڪو؛ ث. مادي، جو تناسلي عضوو.
سوڪڙ؛ ث. خشڪي- خشڪ سالي. سوسُ- ڪفايت.
سوڪهڙو؛ ذ. خشڪي- خشڪ سالي. اُوسَر.
سَوڪَ؛ ث. سَولائي- سهنجائي- آساني.
سوڪائي؛ ث. آساني- سولائي.
سَوڪو؛ ظ. سَولو- سهنجو- آساني سان. بدن ۾ پرپل- متارو.
سُوڪڙي؛ ث. تحفو- سوغات. نذرانو- پيٽا. هديو.
سُوڪڙي پاڪڙي؛ ث. تحفو ۽ نذرانو. نذرانو ۽ وڳو (لباس)- تحفو ۽ پاڪر.
سَوڪَمُ؛ ص. سنولو- آسان. نازڪ (جسم. تُوڪ). سڪيو- آسودو.
سوڳُ؛ ذ (ف) غم- ماتم. فوتيءَ جو ماتم. سُوءَ.
سوڳوارُ؛ ص. غمگين- مغموم.
سُوڳَ؛ ث. ڪراهت- ڌڪار- ٻڇان. بدبوءِ. ناپاڪائي.
سُوڳارو؛ ص. ڪِنو- گدلو- حقارت جهڙو. (ث. سُوڳاري).
سوڳُ؛ ذ. سوڳُ.
سوڳنَدُ؛ ذ (ف. سوگند) قسم- سُنهن.
سوگهائي؛ ث. مضبوطي- ڏاڍائي- پُختگي.
سوگهو؛ ظ. قابو- بلائتو- مضبوط. پختو- ڏاڍو. محفوظ. ثانيڪو.
سوگهو ڪرڻ؛ قابو ڪرڻ. پڪڙڻ. جهلڻ.
سِول؛ ص (انگ) مُلڪي. مالي. انتظامي. ديواني.
سِول جَج؛ ذ. ديواني ڪيس هلائيندڙ جج.
سِول سَرجن؛ ذ. ضلعي جي اسپتال جو وڏو ڊاڪٽر.
سِول سَروس؛ ث. مالي انتظام هلائڻ لاءِ ملازمت.
سِول ڪورٽ؛ ث. ديواني عدالت.

سُولُ؛ ذ. ڪندو. چهنبيارو هٿيار. ڀالو. نيزو.
سُولانگڙو؛ ذ. سوراخ- لوگهو- ٽُنگ.
سَولائي؛ ث. آساني- سهنجائي. سهولت.
سولجَرُ؛ ذ (انگ) فوجي سپاهي.
سَوَلو؛ ظ. سهنجو- آسان. سليس. فائدي وارو. سڪيو آسودو. ڏيتي ليتي ۾ سنئون سڌو (ث. سَوَلي).
سَوَلي؛ ث. سوڀ- سَٺائي- فتح. ڪاميابي. سولائي. آساني.
سُولِي؛ ث. سُوري.
سُومُر، سُومارُ؛ ذ (سن. سُومر وار) چنڊ جو ڏينهن. هڪ ڏينهن جو نالو.
سُومرا؛ ذ. سنڌ جي هڪ قوم (جنهن سنڌ تي انداز ١٠٥٠ع کان ١٣٥٠ تائين حڪومت ڪئي).
سومَهَلِي؛ ث. رات جو سمهڻ وارو ٽائو. عشا. رات جي نماز- سُمهائي.
سونُ؛ ذ. هڪ قسم جو مشهور ڌاتو- زر- طلا.
سونُ چاندي؛ ذ. ڳهه ڳنا- مال ملڪيت. ڌن دولت.
سونارو؛ ذ. سون چانديءَ جا ڳهه ٺاهيندڙ.
سَونترڻُ؛ م. سنوت ۾ اچڻ. سڌي راهه تي اچڻ. سُڌرڻ. هوش ڪرڻ- اخلاق ٺارڻ.
سَونتو؛ ذ. ڏنبو. ڏُڪو. لٺ.
سَونتِي؛ ث. ننڍي ڏنڊي. ننڍي لٺ. ڪپڙن سٽڻ جي ڏُڪي.
سَونڻَڻ؛ م. ليڻ- هٿ اچڻ. سيائڻ. قبول ڪرڻ. پسند ڪرڻ.
سَونپڻُ؛ م. حوالي ڪرڻ- سپرد ڪرڻ. امانت ۾ ڏيڻ. ذمي ڪرڻ.
سُونجهہَ؛ ث. تلاش- ڳُولا. تجسُس. ڏسڻ وائسڻ ۽ سمجهڻ جو حواس.

سُونجهڙو: ص. ڳولينڊڙ. جاچينڊڙ. نهارينڊڙ. دريافت ڪندڙ.

سُونجهو: ص. ڳولا ڪندڙ. ڄاڻ رکندڙ. ڄاڻو. سونهون.

سَونچو: ذ. اُڏڪو- انديشو. ڳڻتي. خوف- ڌڪاءُ.

سُونڌ: ذ. نرڙ ۾ گهنج- گهُنڊ. مُنهن ۾ ڪاوڙ وارو گهُنج.

سُونڌ مُنهون: ص. سدائين مُنهن سُوڄل- سدائين ڪاوڙيل. ٻُوٿ سُڄيل.

سونڊا: ذ. هڪ ذات جو نالو.

سُونڊَ: ث. هاٿيءَ جو ڊگهو نڪ.

سَونف: ذ. هڪ خوشبودار ٻوٽي جو ٻج- وَڏَفَ.

سَونڪو: ذ. ڊپ- هراس. اُڏڪو- انديشو. ڇرڪ.

سُونگڙي: ث. ڪپهه نڪتل گوگڙي جي ڪَلَ.

سُونگو: ذ. ڪاٺ جو گول ڊبلو.

سُونگي: ث. ناس رکڻ لاءِ ڪاٺ جي ڊبلي.

سُونگهَڻُ: م. نڪ سان هوا وٺڻ- سنگهڻ. واس وٺڻ.

سُونگهيٽي: ذ. ناس.

سونَ مياڻي: ث. بلوچستان جو هڪ بندرگاهه.

سونو: ص. سون جو- سون مان ٺهيل- طلائي. سون جهڙو نج- نبار. بي عيب. (ث. سوني).

سونو پاڻي: ذ. ملمعو. چانديءَ جي ڳهه تي چڙهيل سون جو پاڻي.

سونو ڳراٽهه: ذ. فائدي وارو موقعو- سٺو وجهه.

سونو ٽڪُ وجهڻ: عزت رکڻ. مانُ وڌائڻ. ساک پت وارو ڪرڻ.

سوني ڏَرِ: ث. ساک پت واري آسامي. دولتمند ڌُرِ.

سُونهاري: ث. ڏاڙهي- ريش. ڪورکي ڪم جي ڦَٽي.

سُونهائڻُ: م. سونهون ڪرڻ- واقف ڪرڻ. واٽ ڏيکارڻ- دڳ لائڻ. جڳائڻ- سيبائڻ.

سُونهَپَ: ث. سهڻائي. شناسائي. رهبري. سُڃاڻي.

سُونهري: ص. سون جي رنگ جو- سون جهڙو. سونو.

سُونهَن: ث. حسن- سهڻائي- خوبصورتي. جوڀن. رونق. سينگار.

سُونهَڻُ: م. سهڻو لڳڻ. زيب ڏيڻ. جڳائڻ- سيبائڻ.

سُونهون: ص. واقف- ڄاڻو. رهبر حال حقيقت کان واقف. (ث. سُونهين).

سَوَڻُ: ذ. سٺو سڳڻ- سڳڻ. فال- شگون.

سَوَڻ ڪرڻ: ساٺ ڪرڻ. فال وجهڻ. رسم ڪرڻ. ڀُٽي ڪرڻ. بيماريءَ جو علاج ساٺ سان ڪرڻ.

سُوڙُل: ص. سوڄ وارو- سوڄ چڙهيل- سُڄيل. ٿُوڪيل.

سُوڙو: ص. سوڄل- سُڄيل. ٿُوڪيل. ڪاوڙيل- ناراض.

سُوڙو مُوڙو: ص. ڪاوڙيل- ٿُوڪيل.

سوهان: ذ (ف) رواني- ٽڪوري.

سوهانِ رُوح: ص. دل کي چليندڙ- تڪليف ڏيندڙ. رنجائيندڙ- ڏکوئيندڙ.

سوءِ: ث. وڻ جي پـن جي روڙ. گـاهه وغيـره جي صفائي. ڀاڄي وغيره مان ڪک ٻن ڪڍڻ.

سُوءِ: ث (ع) خرابي- برائي. بَدِي. (ف. سـوگ) ڏک. ماتم. مُئي ماڻهو جو افسوس. غم. فوتيءَ جو پٿر.

سُوءِ ادب: ث. بي ادبي.

سُوءِ اتِفاق: ث. موقعي جي خرابي. ڪمڀلائي.

سُوءِ تدبير: ث. تدبير جي خرابي.

سُوءِ رکڻ: غم ۽ ماتم جي حالت قائم رکڻ.

سُوءِ لاهڻ: فوتيءَ جي چاليهين ڏينهن تي ماتمي رسمون ختم ڪرڻ.

سُوٽا، سُٽا: ث. هڪ قسم جو خوشبودار مصالحو. کير ڏيندڙ چوپائي (ٻڪري، ڍڳي، مينهن وغيره).

سُوٹانجو، سُٹانجو: ذ. عورت جي وِيمَ ۾ ڪم ايندڙ پسارڪا وکر.

سُوَئَرُ: ذ. مِروُن- خنزير.

سُوئِڙو: ذ. سوپارين وڍڻ جو اوزار.

سُوئِڙي: ث. ننڍو سوئِڙو (سوپارين ڪترڻ لاءِ).

سُوئو: ذ. لوهي چهبيارو اوزار.

سُوئيتو: ص. سُوءِ ۾ گذاريندڙ. ڏکويل.

سوئيرو: ذ. سُرمو.

سَئو، سَوُ: ص. ڏهه ڏهاڪا (١٠٠)- صد.

سَوُنڪو: ذ. دِپ- خوف- پِوُ. اُلڪو- انديشو. شڪ- گمان.

سَويرَ: ث. صبح جو- علي الصبح. جلدي- جهٽ پٽ. ساجهر- سويل. (ظ) اڳي- جلدي.

سَويرو: ظ. وقت کان اڳي. جهٽ پٽ- جلدي.

سَويساهُ: ذ. اعتبار- پڪو يقين. (ص) سچيتيو- ويساه وارو.

سَويلَ: ظ. سوير- جلدي.

سَويلو: ظ. سويل. وقت کان اڳي.

سِہ، سِڪ: ص (ف) ٽي (٣).

سِہ پَهر: ذ. اڳين ۽ وچين جو وقت- ٽِهه پَهري.

سِہ ماهِي: ص. ٽن مهينن بعد.

سُهاڄڙو: ص. وٺندڙ- سُلڇڻو.

سَهارَو: ذ. پروسو- آڌار- ڏِڍ- آسرو. ٽيڪ- پرجهلو.

سَهارو ڏيڻ: مدد ڏيڻ- ٽيڪ ڏيڻ.

سُهاڳُ: ذ. سياڳ- سعادت. برڪت. خوشي. عورت لاءِ مڙس جي حياتي وارو زمانو.

سُهاڳ پُڙو: ذ. ونواهه ۾ ڪنوار کي ڏيڻ لاءِ خوشبودار شين جو پُڙو.

سُهاڳ راتِ: ث. پرڻي جي رات- شب عروسي.

سُهاڳڻِ: ث. اها عورت جنهن جو مڙس زنده هجي. پرڻيل (عورت).

سُهاڳو: ذ. ترُ (کيڙيل زمين کي سنوت ۾ آڻڻ لاءِ). هڪ پسارڪو وکر- ڪنگڻ هار.

سُهانجڙو: ذ. هڪ قسم جو وڻ (جنهن جون ڦريون ڀاڄي طور ڪم اچن).

سَهانگُ: ث. سهانگائي- سستائي. (ضد. مَهانگ)

سهانگائي: ث. سستائي. ارزاني. سُڪر.

سَهانگو: ص. سستو- گهٽ اگهه وارو. ڪفايتي. (ضد. مَهانگو).

سُهاءُ: ذ. روشني- چمڪو. اُهاءُ- سوجهرو.

سَهائتا: ث. مدد.

سَهائڻُ: م. سَهڻ- برداشت ڪرڻ. احسان جتائڻ. طعنا مهڻا ڏيڻ.

سَهائو، سُهائو: ذ. سوجهرو. روشني. چانڊوڪي. چنڊ واري مهيني جي پهرئين هفتي جو ڪو ڏينهن "سَهائو سومار".

سَهائِي، سُهائِي: ث. چانڊوڪي. روشني. سوجهرو.

سَهتا: ذ. سمن کان الڳ سنڌ جي هڪ مشهور تاريخي قوم.

سَهتَ: ث. چِڪَ- سِڪ. يادگيري.

سَهجِ: ث. آساني- سَولائي.

سَهجِ، سَهجُ: ذ. خوشي. چاهه. سڪ. سينگار.

سَهُرو، سُهُرو: ذ. زال جي مُڙس جو پيءُ يا مڙس جي زال جو پيءُ.

سِهرو: ذ. ساراهه جو گيت. شاديءَ جو گِيچ- لاڏو.

سَهڙَڻُ: م. پهچڻ- وارد ٿيڻ. ٽِڪڻ- ترسڻ.

سَهَس: ص. هزار (١٠٠٠).

سَهسين: ص. هزارين. بي انداز.

سَهسائڻُ: م. سَهڻ- برداشت ڪرڻ. آسرو اميد لاهڻ.
سَهَڪَ: ث. اُپا ساهه (تڪڙي هلڻ يا بيماري سبب)- اُپ ساهي. دمڪشي. سهڪي.
سَهڪارُ: ذ. اتحاد. تعاون. شموليت.
سَهڪَڻُ: م. ڊوڙڻ يا دمڪشي سبب اُپا ساهه کڻڻ.
سَهڪو: ذ. اُپ ساهي. دمڪشي. سَهڪ.
سَهڪَ: ث. سولائي- سهنجائي. آساني.
سَهڪائي: ث. سولائي- آساني.
سَهڪو: ص. سوَلو- سهنجو- آسان. (ث. سَهڪي).
سَهَلُ: ص (ع) آسان- سولو- سهنجو.
سَهل انگاري: ث. سستي- ڪاهلي.
سَهمُ، سُهمو: ذ (ع. سَهم) تير. طعنو- مهڻو. جهٽڪ- چيڀ.
سُهما سهڻ: طعنا مهڻا جهلڻ.
سُهماڻي: ث. سج لٿي کان پوءِ سمهڻ جي مهل- سُمهاڻي.
سَهمجَڻُ: م. ڊڄڻ- ڊپ ڪرڻ. خوف کائڻ. هراسجڻ. هيسجڻ.
سَهمَڻُ: م. ڊڄڻ- هراسجڻ. هيسجڻ.
سَهنجُ: ذ. سَولائي- آساني. آرام- سک. سُٺو موقعو.
سَهنجائي: ث. آساني- سولائي. سک.
سَهَنجو: ص. آسانيءَ سان- سولو. بنا تڪليف جي. (ث. سَهنجي).
سُهندَ: ث. سُهڻي- حَسين. عام طرح عورتن جو نالو.
سَهَنگو: ص. سَهانگو- سستو. (ث. سَهنگي).
سَهَڻُ: م. برداشت ڪرڻ. پاڻ تي وسائڻ. پوڳڻ- لوڙڻ.
سَهڻ سَنبَرڻُ: اڳي سهڙڻ يا وڃڻ جي تياري ڪرڻ.
سُهڻائي: ث. سونهن- سوڀيا. زيب زينت. نزاڪت. خوبي.
سُهڻو: ص. خوبصورت- حَسين. زيباڻو. ڀولاٽو. نزاڪت وارو. (ث. سُهڻي).

سُهڻي: ث. خوبصورت- حسين. سنڌ جي مشهور قصي "سهڻي- ميهار" جو ڪردار.
سَهوَ: ث (ع) ڀل- چُڪ- غلطي.
سَهوا: ظ. سَهوَ کان. غلطيءَ کان.
سَهو: ذ. مشهور تيزڙو جانور- خرگوش.
سِهو: ذ. سَولائي وارو موقعو. سُٺو. سهولت وارو موقعو. مدد جو آسرو. بندوبست.
سُهولتَ، سُهوليَتَ: ث (ع) آساني- سولائي- سهنجائي.
سَهِي: ظ. درست- ٺيڪ.
سَهِي ڪرڻ: محسوس ڪرڻ- سمجهڻ- پُرجهڻ.
سَهيڙَ: ث. ميڙ چونڊ. ٺاهه جوڙ- ترتيب.
سَهيڙُ: ذ. سَهو- خرگوش.
سَهيڙَڻ: م. ميڙ چونڊ ڪرڻ. گڏ ڪرڻ. ترتيب سان ٺاهي رکڻ.
سُهيلُ: ذ (ع) هڪ تاري جو نالو- ايٽ تارو.
سُهيلو: ص. سکيو- آسودو. سوَلو- آسان- سهنجو.
سَهيلي: ث. ساهيڙي- جيڏي- سکي- سَرتي.
سَئِن، سَئِيَ: ث. خيرات وٺڻ لاءِ سواليءَ جي صدا.
سَئِنَ هڻڻ: صدا هڻڻ. سوال ڪرڻ.
سَئنا: ث (سن) لشڪر- سپاهه.
سَئنا پَتِي: ص. سپهه سالار.
سَئنڪو: ذ. ڊپ- هراس. اُڌڪو- انديشو.
سُئِي: ث. ٽوپي ڏيڻ جو اوزار- اِبر- سوزن. دوا کي جسم ۾ داخل ڪرڻ جو اوزار.
سُئو، سُوئو: ذ. وڏي سُئي.
سُئيٽَرُ: ذ (انگ) اُن مان ٺهيل ٻانهن يا بنان ٻانهن جي چولو.
سَئينيما: ث (انگ) فلم جي وِيٽي تي پرپل کيل.
سَئيس: ذ. گهوڙي جو خدمتگار.

سي؛ ص (ف) ٽيهه (۳۰).
سيءُ؛ ذ. ٺار- ٿڌ. سرديءَ جي موسم.
سيائو؛ ذ. ٿڌ- سيءُ. ڏڪڻي. سيءُ يا ڊپ کان ٿڙڪڻي.
سياٽجڻُ؛ م. ٿڌ يا ڊپ کان رڪڻي ٿيڻ. لڱ ڪانڊارجڻ.
سياپو؛ ذ. افسوس- ماتم- سُوڳ. عزازت- ماڻٽي.
سَياح؛ ذ (ع) گهمڻ لاءِ سفر ڪندڙ. مسافر. سيلاني.
سَياحَت؛ ث. سَير- گهومَ. گشت.
سياحي؛ ث. سَياحت. سير تفريح.
سيادَت؛ ث (ع) سرداري- اڳواڻي. پيشوائي. بزرگي. حڪومت.
سَيار؛ ص (ع) سير ڪندڙ- گهمندڙ.
سيارُ، سيارڙو؛ ذ. گدڙ.
سَيارو؛ ذ (ع. سَياره) گرهه (جيڪو سج جي چوڌاري گردش ڪري).
سيارو؛ ذ. سرديءَ جي موسم. سيءُ- ٺارُ.
سَياست، سياسَت؛ ث (ع) ملڪي معاملات. ملڪي انتظام. حڪومت- سلطنت. ملڪ جي حفاظت.
سياسَت بازي؛ ث. سياسي حڪمت عملي.
سياسَتدان؛ ص. ملڪي معاملات جو ڄاڻو.
سياسي؛ ص. ملڪي انتظام ۽ معاملن مطابق. راڄنيتي.
سياڪو؛ ذ. ماڻٽي- عزازت. پاڻيچاري يا برادري.
سَيال؛ ص (ع) وَهندڙ. پتڙو- رقيق.
سيانتو؛ ذ. هڪ آبي ساهوارو- ڪيڪڙو.
سياڻائي؛ ث. هوشياري- ڏاهپ. چالاڪي.
سياڻپَ، سياڻپَت؛ ث. عقل- ڏاهپ. هوشياري- چالاڪي.
سياڻو؛ ص. عقلمند- ڏاهو. هوشيار. سمجهو.

سياه؛ ص (ف) ڪارو. اونداهو. نڀاڳو. منحوس.
سياه بخت؛ ص. بدقسمت- نڀاڳو.
سياه بَختي؛ ث. نڀاڳ- آدورائي.
سياه دل؛ ص. بي رحم. بدخواه- بدنيت.
سياه دِلي؛ ث. بغض- ڪينو.
سياه رُو؛ ص. ڪارَ منهون. ذليل- خوار.
سياه رُوئي؛ ث. ذلت- خواري- بدنامي.
سياه فام؛ ص. ڪاري رنگ جو.
سياه ڪار؛ ص. بدڪار- گنهگار. ظالم.
سياه ڪاري؛ ث. بدڪاري.
سياه و سَفيد؛ ذ. اڇو ڪارو. نيڪي بدي. چڱائي لڱائي- بُرائي ڀلائي.
سياهي؛ ث. ڪاراڻ. اونداهي. ڪارنهن. عيب.
سياءُ؛ ذ. مِٽ ماٽ- عزيز. ذات ڀائي.
سيبائڻُ؛ م. وڻڻ- پسند پوڻ. موزون لڳڻُ. جڳائڻ.
سيبتو؛ ص. سليقي وارو. سنجيدو. سلڇڻو- سُٺي سُهڻي ڪردار وارو. ڏاهو.
سيبَڙ؛ ث. جسم جو وچ وارو ليڪو (پُٺ توڙي اڳ تي).
سيبَڻُ؛ م. سبڻ- بخڻ.
سيبو؛ ذ. توپو- بخيو.
سيتا؛ ث (سن) رام چندر جي زال. (ص) سَت وارو- پاڪدامن.
سيتا ڦَلُ؛ ذ. ميوي جو هڪ قسم.
سيتانگ؛ ذ. بيماري جو هڪ قسم (جنهن ۾ بدن تي ديڙ ٿين). هٿن پيرن ۾ پگهر ٿيڻ جي بيماري.
سيتل؛ ص. ٿڌو- سرد.
سيٽ؛ ث. آڪڙ. ٺوڪَ. ٺونٺ. وڏائي- ٽِنڊ- ٽاڻ. ڇِڪ- سختي (رسي وغيره جي). (انگ) ويهڻ جي

جاءِ- نشست. سيند- سيٽي.
سيٽ ڪرڻ: اجائي آڪڙ ڪرڻ. آڻ هوند تي ٺانءِ ڪرڻ.
سيٽ هڻڻ: سينڊ وڄائي اشارو ڪرڻ.
سيٽي: ث. وات يا چپن جي ٺوڪ سان سنهون آواز. سيٽي وڄائڻ جو اوزار.
سيٺ: ذ. وڏو سوداگر. وڏو واپاري. واپار جي ڪوٺيءَ جو مالڪ. شاهوڪار (ث. سيٺاڻي).
سيٺيو: ص. وڏو سيٺ. شاهوڪار.
سيپارو: ذ (ف) قرآن شريف جي ٽيهن پارن مان هڪ پارو.
سيپٽمبر: ذ (انگ) عيسوي سال جو نائون مهينو.
سيپڪ: ص. تمام سنهون (ماڻهو)- ڏٻرو- ايرو.
سيج: ث. پلنگ. شاديءَ جي کٽ. خاص ڪنوار گهوٽ لاءِ وڇايل هنڌ کٽ.
سيج بند: ذ. اها ڏوري جنهن سان چادر کي کٽ جي پاون سان ٻڌي ڇڏجي.
سيج چڙهڻ: شاديءَ جي خوشي ماڻڻ.
سيچالو: ذ. "ترمچي" باز جي مادي (بهترين شڪاري باز).
سيخ: ث (ف) ڪنهن به ڌاتوءَ مان ٺهيل ٿلهي تار. ڪبابن پچائڻ لاءِ لوهي تار. ڪُکڙ جي ڪڙهه.
سيخ پا: ص. نراڪندڙ (گهوڙو).
سيخ ٽيڻ: سڌو ٽيڻ. ڪاوڙ ۾ ڪڙو ٽيڻ. پچڻ (ڪباب وغيره).
سيخڙ: ص. پورين ڪڙهن وار ڪُکڙ- ويڙهو ڪکڙ.
سَيد: ذ (ع) سردار- اڳواڻ. امام. هادي- رهنما. حضرت امام حسن ۽ امام حسين جو اولاد.
سيدا الانبياء. سيدالمرسلين: ذ. نبين جو اڳواڻ (حضرت محمد صلي الله عليه وسلم).
سيدالبشر: ذ. انسانن جو اڳواڻ (حضرت محمد صلي الله عليه وسلم).
سيدة النساء: ث. عورتن جي اڳواڻ (حضرت بيبي فاطمه الزهرا).
سيڌو: ذ. ڪاڌي جو ڪچو سامان (اٽو. چانور. گيهه وغيره).
سيڌو پاڌو: ذ. سڌو سامان (ڪاڌي رڌڻ لاءِ).
سيڌائڻ: م. سڌ ڪرڻ- واجهائڻ.
سير: ذ. تور جو هڪ ماڻ- مڻ جو چاليهون حصو.
سَير: ذ (ف) هواخوري- چڪر- گشت. گهوم. سفر- سياحت. نظارو.
سَيرسپاٽو: ذ. هواخوري- چهل قدمي. گهمڻ ڦرڻ.
سَيرگاهه: ذ. گهمڻ جو هنڌ. قدرتي نظارن وارو هنڌ.
سَير: ص (ف) پيٽ ڀريل. ڍاول. پُر.
سَير حاصل: ص. گهڻو فائدو ڏيندڙ. ڍؤ ڏياريندڙ.
سيرَ: ث. چيرُ- وِڍُ. ڪُهڻ وقت جانور يا پکي جي ڳچيءَ تي ڏنل وِڍُ. درياء يا وهڪري جو وچ (جتي پاڻي اونهون ۽ تکو وهي).
سيرَ چوڙائڻ: ڪنهي رت ڪڍائڻ لاءِ ڪنهن نس کي نشتر سان چيهه ڏيارڻ- فصد کولائڻ.
سيرَ وجهڻ: جانور يا پکي کي حلال ڪرڻ- ڪهڻ. نقصان پهچائڻ.
سير: ذ. سيلُ- سَتُ- پاڪدامني.
سَيراب: ص (ف) پاڻي سان ڀريل- لبريز- پُر. سرسبز- شاداب. ڍاول.
سيراف. سيراهه: ذ. سيرابُ- دپ. هراس.
سيراندي: ث. کٽ وغيره جو مٿي رکڻ وارو پاسو.
سيراهي: ث. واڍڪي ڪم جو هڪ اوزار (سوراخن

کڻڻ لاءِ)

سيرَبَ، سَيرپَ؛ ث. سنوارت (ڏاڙهيءَ جي).

سيرَتَ؛ ث (ع) عادت- خصلت. خاصيت. نيڪي. اخلاق. سوانح عمري.

سيرَت نَبوي؛ ث. نبي سڳوري جي سوانح عمري.

سيرَڻُ؛ م. چورڻ- هنائڻ- سرڪائڻ- ريڙهڻ.

سيرَڻُ؛ م. چيرڻ- ڦاڙڻ.

سيرو؛ ذ. گيهه. کنڊ ۽ ميدي مان ٺهيل هڪ طعام.

سيروڻ؛ ذ. کٽ جي سيراندي واري ڪاني.

سيڙَ؛ ث. گيسر- دير. رنڊڪ. مشغولي.

سيڙاپو؛ ذ. گيسر- گهل. رنڊڪ.

سيڙائڻُ؛ م. دير ڪرائڻ- گهل ڪرائڻ.

سيڙپَ؛ ث. گيسر- دير. مشغولي. مصرف.

سيڙجَڻُ؛ م. رنڊجڻ- روڪجڻ. دير پوڻ. مصروف ٿيڻ.

سيڙهه؛ ث. هڪ قسم جو جانور (جنهن جي پٺيءَ تي ڪنڊا ٿين). گوهو (ڪيرَ جو)- ڦار.

سيڙهي؛ ث. چڻ- گچ.

سيڙهي؛ ث. ڏاڪڻ- چاڙهي.

سيسُ؛ ذ (سن) مٿو- سري- سرُ.

سيس نمائڻ؛ ڪنڌ نمائڻ. مٿو ٽيڪڻ. آڻ مڃڻ.

سيسَا؛ ث. هندن ۾ ڌرمي پوڄاپاٺ کان پوءِ ورهايل مٺائي وغيره.

سيسرُ؛ ذ. هڪ قسم جو واڳون جهڙو آبي جانور.

سيسڙاٽَ؛ ذ. سياٽو- سياندو. ٿڌ يا ڊپ کان جسم ۾ ڏڪڻي جي لهر.

سيشَنُ؛ ذ (انگ) وڏي ڪورٽ. اجلاس.

سيشن جج؛ ذ. ضلعي ڪورٽ جو وڏو جج.

سَيفَ؛ ث (ع) تلوار- ترار- شمشير.

سيفَ؛ ث (انگ) تجوري- لوهي پيٽي.

سيڪُ؛ ذ. گرمي- تپش. تاءُ. تاڪور.

سيڪ اچڻ؛ گرمائش جو اثر ٿيڻ. تپش اچڻ- تؤ اچڻ. ڪهڪاءُ ٿيڻ.

سيڪارو؛ ذ. سيسڙاٽُ. ٿڌو ساهه. سياٽو.

سيڪريٽري؛ ذ (انگ) وڏو منشي.

سيڪڙَ؛ ث. ڪري ۾ گڏ ٿيل سنگن مان لاٿُ وٺڻ.

سيڪڙو؛ ذ. سئو- صد. سئو تي ڪجهه مقرر ٿيل انداز.

سيڪڙُو؛ ص. گهربائو- طالبو- خواهشمند. سڌڙيو- سڌائتو. سڪايل- اُڪنڊيل. سوالي.

سيڪَنڊُ؛ ذ (انگ) منٽ جو سٺيون حصو. لمحو- پل- ڪِن. (ص) ٻيو- ٻئي درجي جو.

سيڪَڻُ؛ م. تپائڻ- گرم ڪرڻ. سيڪ ڏيڻ. تؤ ڏيڻ. تاڪوڙ ڪرڻ.

سيڪو؛ ذ. تؤ- گرمائش- سيڪُ. تاڪور.

سيڪيُون؛ ذ. پيٽ ۾ پيدا ٿيندڙ سنهان اڇا ڪينئان.

سيکارَڻ، سيکارڻُ؛ م. سکيا ڏيڻ. تعليم ڏيڻ. تربيت ڏيڻ. ڪنهن هنر يا ڌنڌي کان واقف ڪرڻ. پاڙهڻ. ڪيڙڻ.

سيکاريندڙُ؛ ص. سکيا ڏيندڙ.

سيکَتَ؛ ث. سزا. گوشمالي.

سيکت ڏيڻ؛ سزا ڏيڻ. جٺ ڪرڻ.

سيکڙاٽُ؛ ص. نئون سکيل. اڃان سکندڙ. اڻپورو سکيل.

سيکڙاٽُو؛ ص. اڃان پورو نه سکيل- زير تربيت.

سيگهَ؛ ث. جلدائي- سگهائي. ڦُڙتي- تکڙ. جلدبازي. چڙچوٽ.

سيگهڙائي؛ ث. سيگهه- جلدائي.

سيگَ: ث. سگن مان ٺهيل ڪمانَ- ڪمانَ.
سيلُ: ذ. ڪِلُ (لوهہ يا ڪاٺ جو). ڪنڊو. ڀالو. سيلهُ.
سَيل: ذ (ف) ٻوڏ- سيلاب- طغياني.
سَيلُ: ذ. شرم- حياء. سَتُ- پاڪدامني. عصمت. نيڪي. صبر.
سِيلَ: ث (انگ) مُهر- ٺپو (سِيلَ واري ٻيڙي= سگريٽ).
سِيل مُهرَ: ث. ٺپي واري مُهر.
سيلابُ: ذ (ف) پاڻيءَ جو چاڙهہ- ٻوڏ- طغياني. اُٿل- ليٽ. آبڪلاني.
سيلابي: ث. ٻوڏ هيٺ آيل زمين ۽ ان جو فصل.
سَيلاني: ص. گهومُو. گهمندڙ ڦرندڙ. گشتي.
سيلو: ذ. رَسو. وارن جي وٽيل چڳ. وٽيل نوڙ جيڪو فقير مٿي کي ٻڌن.
سيلهُ: ذ. ننڍو نيزو. ڀالو. تيرُ. ڪَنڊو.
سيلهو: ذ. سيلهُ- ڪنڊو. ڏاس مان ٺهيل نوڙ. مٿي کي ٻڌڻ جي ريشمي ڏور يا پٽي (عام طرح فقير ٻڌن).
سيلي: ث. اُٺ. گهوڙي يا ٻئي ڪنهن جانور جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل ڳاني. وارن يا ڪاري تاڳي مان وٽيل ڏوري. فقيرن جي ٽوپيءَ کي ويڙهيل مٺڪن جي مالها.
سِيمُ: ث (ف) چاندي. چانديءَ جي تار (ڀرت جي ڪم اچي).
سِيم تَن: ص. چانديءَ جي بدن وارو (معشوق). سهڻو- حسين.
سِيمِين: ص. چانديءَ جو- روپو.
سِيمَ: ث. ڳوٺ جي آسپاس واري جُوءِ. چراگاهہ- ويءِ.
سيمابُ: ذ (ف) هڪ قسم جو ڌاتو- پارو.
سيمُرغ: ذ (ف) هڪ خيالي پکي.
سيمو: ذ. سِمَ. زمين مان سِمي نڪتل پاڻي.

سَيِيَ: ث. صدا. پُڪار. آواز. سُواليءَ جي صدا.
سَيِي هڻڻ: صدا هڻڻ. سوال ڪرڻ. خيرات گهرڻ.
سِينَ: ث. (انگ) نظارو- ڏيک. تصوير. تماشو.
سَينا: ث (سن) لشڪر- سپاهہ.
سَينا پَتي: ص. لشڪر جو مهندار- سپهہ سالار.
سَينٽَ: ث (انگ) خوشبوءِ- سُرهاڻ. عطر.
سينٽرُ: ذ (انگ) وچ. مرڪز.
سينٽرَل جيلُ: ذ. ضلعي جو مرڪزي جيل- وڏو جيل.
سينڌ: ث. آشنائي. واقفيت. جاڻ سڃاڻ.
سينڌِ مُلاقاتَ: ث. جاڻ سڃاڻ. آشنائي.
سينڌو: ص. آشنا- واقف. جاڻ سڃاڻُ. سنگتي. (ث. سينڌي).
سِينڌَ: ث. ڦٽيءَ سان مٿي جي وارن مان ڪڍيل ليڪ.
سينڌ ڏيڻ: زالن جو هڪ ٻئي سان واعدو ڪرڻ.
سينڌ سُرمو: ذ. هارسينگار- ناهہ نوهہ.
سينڌ ڪڍڻ: وارن کي ڦٽي ڏيئي وارن جي وچان ليڪ ڪڍڻ.
سينڌِ ڦُلُ: ذ. هڪ قسم جو ڳهہ- ٽِڪڙو.
سِينڌُرُ: ذ. هڪ قسم جو وکر (ڳاڙهي رنگ جو ٻورو).
سينڌو لُوڻ: ذ. هڪ قسم جو جابلو لُوڻ.
سِينڌَ: ث. چپن مان ڪڍيل سنهون آواز- سِيٽي.
سينڌَ ڏيڻ: اڳوات چتائڻ. خبردار ڪرڻ. هوڪارڻ.
سينڌ هڻڻ: هوڪارڻ. آماده ڪرڻ. صلاحڻ.
سينڌارَڻ: مر. سينڌ هڻڻ. سڏ ڪرڻ. صلاح هڻڻ.
سِينَري: ث (انگ) نظارو- ڏيک.
سَينڪِلي: ث. زنجير- سنگهر. ننڍڙي زنجير. ڳهہ جو هڪ قسم.

سينگارُ: ذ (سن. شرنگار) آرائش- ٺاھہ ٺوھہ. ڳھہ ڳٺا ۽ ڪپڙا لٽا پائڻ. ٺٺي ٺوڪارو. سنڌي شاعري جي ھڪ صنف (جنھن ۾ سونھن جو بيان ٿئي).

سينگاردانُ: ذ. عورتن جي سينگار جو سامان رکڻ جو ٿانءُ يا پيٽي.

سينگار ميز: ث. وڏي آرسي لڳل ننڍڙي ميز.

سينگارڻ: م. آرائش ڪرڻ. لباس ۽ زيور پائڻ. ٺاھہ ٺوھہ ڪرڻ.

سينگاري: ث. مڇيءَ جو ھڪ قسم.

سينابند: ذ. گھوڙي جو ھڪ سنج.

سينا زوري: ث. زبردستي- ڏاڍائي. سرڪشي.

سينازني: ث. ڇاتي ڪُٽڻ- ماتم.

سينو: ذ (ف) ڇاتي. اُرھہ.

سينو ٺوڪڻ: ھام ھڻڻ.

سينو سپر ڪرڻ: مقابلو ڪرڻ.

سينو ساھڻ: مقابلو ڪرڻ. آڪڙ ڏيکارڻ.

سينو ڪُٽڻ: ڇاتي پٽڻ- ماتم ڪرڻ.

سينو ڪڍي ھلڻ: آڪڙ مان ھلڻ.

سينورُ، سينوارُ: ذ. پاڻيءَ جي مٿان ڇاڙول ساٿو مادو، اُڀاڻ جيڪا آلاڻ سبب ڪاڏي جي شين تي ڄمي وڃي- ڇارو.

سينورجڻُ، سينوارجڻُ: م. آلاڻ سبب ڪاڏي جي شين تي اڇو ڇارو پڌجي وڃڻ.

سينھون، سينھي: ث. دلي وغيره ڪڍڻ وقت مٽي تي رکڻ لاءِ ڪکن مان ٺھيل گول ويڙھي يا ڪپڙي جي مُوڙي.

سينشرا: ذ. منھن تي ماٺا جا داغ.

سيني: ث (ف) ٺامي پتل وغيره جي وڏي ٿالھي- ڪومچو.

سيني ۾ سيني: ظ. ھڪڙي ماڻھو کان پٺي ماڻھوءَ ٿائين ھلندڙ (ڳالھہ).

سيڻُ: ذ. سڱيٺو- مائٽ- عزيز.

سيپُو: ذ. سڱابندي جو لاڳاپو. سڱابندي جي لاڳ طور گھوٽيتيءَ کي ڏنل وڳو.

سيٺاھہ، سيڦھہ: ث. ننڍي مَشڪ (جنھن ۾ ھوا ڦوڪي پاڻي ۾ ترجي).

سيوا: ث (سن. شيوا) خدمت- ٽھل" پُوڄا.

سيوھڻ: ذ. ضلعي دادو جو مشھور شھر.

سيويون، سيٺيُون: ث. ميدي مان ٺھيل سنھيون تندون جيڪي پاڻي، گيھہ، کنڊ وجھي اوباري طعام ٺاھجي.

سيہ: ص (ف) ڪارو- سياه.

سيہ باطن: ص. اندر جو ڪارو. دغاباز.

سيہ بخت: ص. نياڳو- ڇنڊو.

سيہ رُو: ص. ڪار مُنھون. دغاباز. نياڳو.

سيہ ڪار: ص. بدڪار- گنھگار.

سيہ ڪاري: ث. بدڪاري.

سيھڙُ: ذ. سَھو- خرگوش.

سيءُ: ذ. سردي- ٿڌ. سيارو. ٺارُ.

سيءُ پوڻ: ٿڌ پوڻ. سردي ٿيڻ. ٺارُ ٿيڻ.

سيٿو: ذ. سيءُ وارو (تپ).

سيٿو تپُ: ذ. اھو تپ جنھن ۾ بدن ۾ ڏڪڻي ٿئي.

سيڻُ: م. ٻاڦ تي رڌڻ (مڇي، پلو، ڀاڄي، ٻڇ وغيره). اوٻارڻ.

سيٺي: ص. اُھي ٿي.

ش

ش: ث (اُچار 'شِينَ') سنڌي 'الف- بي' جو اوڻٽيهون اکر. عربي جو تيرهون اکر ۽ فارسي جو سورهون اکر. ابجد موجب عدد (۵۰).

شاباسَ: ث (ف. شادباش) جَس- آفرين. واهه واهه.

شاباسون ڏيڻ: جسون ڏيڻ. همٿائڻ.

شابَس: ث. شاباس.

شابي: ندا. شاباس! آفرين!

شاپَ: ث (انگ) دڪان- هَٽُ. ڪوٺي (واپار جي).

شاخَ: ث (ف) ٽاري- لام (وڻ جي). وڏي واهه مان نڪتل واهي. وڻ پڪل پهريون ميوو.

شاخَ ڏيڻ: ميويدار وڻ (انب) ۾ ڪنهن به هڪ پتي جو پچي وڃڻ.

شاخون ڪڍڻ: ٽاريون ڪڍڻ. گونچ ڪڍڻ.

شاخدارُ: ص. ٽارين وارو.

شاخسار: ص. گهاٽين ٽارين وارو. (ذ) اهو هنڌ جتي گهڻا وڻ ٻوٽا هجن.

شاخسانه: ذ (ف) جهيڙو- تڪرار- نزاع.

شاد: ص (ف) خوش- سرهو. سکيو آسودو.

شادابُ: ص (ف) سرسبز- آباد. خوش. تازو توانو.

شادابي: ث. خوشي. تازگي. ساوڪ.

شادانُ: ص (ف) خوش- سرهو. سکيو- آسودو.

شادان و فَرحان: ص. خوش باش- خوش خرم. سکيو آسودو.

شادباش: ص (ف) خوش خرم- سکيو آسودو.

شادڪام: ص (ف) ڪامياب- سوڀارو. خوشحال.

شادڪامي: ث. خوشي. ڪاميابي.

شامانُ: ص (ف) خوش- سرهو. سکيو- آسودو.

شادماني: ث. خوشي- سَرهائي. سک. آسودگي.

شادِي: ث (ف) خوشي. جشن. وهانءُ- پرڻو.

شادي ڪرڻ: وهانءُ ڪرڻ- پرڻجڻ.

شادي مَرگ: ث (ف) اهو موت جيڪو خوشيءَ وارو ٿئي. اها خوشي جيڪا ڪنهن وڏي نقصان کان پوءِ حاصل ٿئي. نااميدي واري وقت ۾ حاصل ٿيل خوشي.

شادِيانو: ذ (ف) خوشيءَ جو واڄو. خوشي جو ڳائڻ. مبارڪباد.

شاذ: ظ (ع) وِرلو. انوکو- اتفاقي.

شاذونادر: ظ. بعضي- ورلي- اتفاق سان.

شارِحُ: (ع) شرح لکندڙ. معنيٰ ۽ وضاحت ڪندڙ.

شارِع: ث (ع) شاهي رستو.

شارِع عام: ث. وڏو عام رستو.

شارِڪُ: ص (ع) شِرڪ ڪندڙ. مُشرڪ.

شاستَر: ذ (سن) هندن جو مذهبي مقدس ڪتاب. قانون جو ڪتاب. مذهب جا قاعدا.

شاطِرُ: ص (ع) چالاڪ- هوشيار. ٺڳ- عيار.

شاعِرُ: ذ (ع) شعر چوندڙ- ڪوي.

شافِعُ: ص (ع) شفاعت ڪندڙ. سِفارش ڪندڙ (ڇوٽڪاري لاءِ).

شافِع مَحشر: ذ. حضرت نبي سڳورو (امت کي قيامت جي عذاب کان نجات ڏياريندڙ).

شافِعي: ذ (ع) امام شافع جو پوئلڳ.

شافِي: ص (ع) شفا ڏيندڙ- صحت ڏيندڙ. قطعي- بنهه- بلڪل.

شاقُ: ص (ع) ناپسند. ڏکيو- مشڪل.
شاڪُرُ: ص (ع) شڪر ڪندڙ- شڪر گذار. مهرباني مڃيندڙ.
شاڪِي: ص (ع) شڪايت ڪندڙ.
شاگِردُ: ذ (ف) طالب علم- متعلم. اُستاد کان سکندڙ. سکيا وٺندڙ. ٻالڪو- پوئلڳ.
شاگِردِي: ث. سکيا- تربيت.
شالَ: ندا (ع. شاء الله) جيئن الله گهُريو- خُدا ائين ڪري. الله گهُريو تہ.
شالا: ظ. شال- مَن- جيڪر.
شالَ: ث (ف) پشميني جي چادر. اوني چادر (اوڍڻ لاءِ).
شالا: ث (سن) گهر- مڪان- جاءِ. مدرسو.
شالُورو، سالُورو: ذ (سن. شالور) ڳاڙهي ريشم جو رڱو- پَٽ جي ڳاڙهي پوٺي.
شامَ: ث (ف) وچين ۽ سانجهي جي وچ واري عرصو. سج لٿي جي مهل. سانجهي. پوين وقت. ڪائي چيرجڻ کان ٻچاءَ لاءِ لوهي ڇلو.
شام غريبان: ث. مفلسيءَ جي شام. مصيبت جو وقت.
شام و سَحر: ظ. صبح سانجهي- هر وقت.
شامَتَ: ث (ع) آفت. مصيبت. نياڳ- بدبختي. نحوست.
شامَتِ اعمال: ث. ڪئي جي سزا. گناهن جي سزا.
شامَت زَده: ص. مصيبت جو ماريل. ڏکيا ڏينهن گذاريندڙ.
شامَتِي: ص. نياڳو. منحوس.
شامِل: ظ (ع) مليل- گڏيل. گڏ- شريڪ.
شامِل حال: ظ. گڏ- مليل. مددگار- شريڪ.
شامل ڪرڻ: گڏي ڇڏڻ- ڳنڍي ڇڏڻ. پاڻ سان ملائڻ- گڏائڻ- شريڪ ڪرڻ. داخل ڪرڻ.
شامِلات: ث (ع) گهڻن ماڻهن جي گڏيل ملڪيت يا جائداد.
شامَہ: ث (ع) سونگهڻ جي قوت.

شامي ڪَباب: ذ. قيمي ۽ مصالحي جي تريل ٽِڪي.
شاميانو: ذ (ف) سائبان- تَنبُو- خيمو.
شانُ: ذ (ع) عظمت- وڏائي. عزت- مانُ. دٻدٻو. حشمت- رعب. قدرت. انداز- نمونو. درجو- رتبو.
شان ڏيکارڻ: دٻدٻو ڏيکارڻ. طاقت ڏيکارڻ.
شانائتو: ص. شان وارو- مان وارو. معزز.
شاندارُ: ص. رتبي وارو- اعليٰ- بلند. شان وارو.
شانِ شَوڪَت: ث. رعب تاب- دٻدٻو. ٺٺ.
شانِ نُزول: ذ. ڪنهن قرآني آيت جي لهڻ جو موقعو.
شانِي: ص. شان وارو- شانائتو.
شانَہ: ذ (ف) ڪُلهو. دوش. ڪلهي وارو هڏو. ڦڻي.
شانہ بہ شانہ: ظ. ڪُلهي ڪُلهي ۾ ملائي.
شانتِي: ث (سن) چُپ- ماٺ- صبر. خاموشي. سانت. سک- آرام.
شاهُ: ذ (ف) بادشاه. حاڪم. سيد جو لقب. (ص) وڏو.
شاهانہ: ص. بادشاهي- سلطاني.
شاهائو: ص. شاه وارو- بادشاهي. (ث. شاهائِي)
شاهَبندَرُ: ذ. بندرگاه جو شاهہ (وڏو آفيسر). سنڌ جو هڪ سامونڊي ڪناري وارو شهر.
شاهدائو: ذ. وڏو موتي. تسبيح جو وڏو دائو.
شاهِد: ص (ع) شاهدي ڏيندڙ- گواه. ڏسندڙ. سهڻو- حسين. محبوب.
شاهِدِي: ث. گواهي.
شاهراهَ: ث (ف) وڏو رستو- عام رستو.
شاهزادو: ص (ف) بادشاه جو پُٽ. (ث. شاهزادي).
شاهہ شاهوڪاري: ظ. کليو کلايو- ڏيندا ڏاتي- ظاهر ظهور- پڌري پٽ.
شاه شِريانِ: ث (ف) وڏي رڳ- شهہ رڳ (جسم جي سيني رڳن کان وڏي رڳ جيڪا سڄي

بدن ڪي رت پهچائي).
شاهڪارُ: ذ (ف) وڏو ڪم. عجيب ڪم. نرالو ڪم. مثالي ڪم.
شاهنشاهه: ذ (ف) وڏو بادشاهه- سلطان.
شاهنشاهي: ث. سلطنت- بادشاهي.
شاهوڙُ: ص. تمام وڏو- شاهي.
شاهُوڪار: ص (ف) گهڻي ملڪيت وارو- دولتمند- تونگر.
شاهوڪاري: ث. دولتمندي- تونگري.
شاهي: ث (ف) بادشاهي. (ص) وڏو- تمام وڏو.
شاهَلُ: ث. رازڪي ڪم جو هڪ اوزار (اوساريءَ جي سڌائي ڏسڻ لاءِ ڏور)
شاهِينُ: ذ (ف) هڪ قسم جو شڪاري پکي- باز.
شاهِينگُ: ص. دلبو ڏيئي ڦريندڙ. ٺگ.
شائبہ: ذ (ع) ملاوت- کوٽ. ميرُ. شڪ- گمان.
شائستگي: ث (ف) قابليت. لياقت. مناسبت. تهذيب- فضيلت. ماڻهپو- اخلاق.
شائستہ: ص (ف) لائق- موزون. فضيلت وارو. سلڇڻو. اخلاق وارو. مناسب- سُهائيندو.
شائقُ: ص (ع) شوق رکندڙ. سڌڙيو- چاهيندڙ- طانبو- گهورو.
شائقين: ص. "شائق" جو جمع.
شايانِ: ظ (ف) لائق- قابل. موزون- مناسب.
شايانِ شان: ظ. مان مرتبي مطابق.
شايد: ظ (ف) ممڪن آهي- غالبا- متان.
شايع: ص (ع) پکڙيل- مشهور. ظاهر- پڌرو.
شَب: ث (ف) رات- ليل.
شَبُ: ذ. لِڪَ- ڳجهہ.
شَبِ ۾ رکڻ: راز ۾ رکڻ- لِڪَ ۾ رکڻ.
شَبانُ: ذ (ع) ڌنار. ڌڻ جو راکو.
شبانہ: ص. رات جو- رات وارو.
شبّ باشي: ث. رات جو قيام- رات رهڻ.
شَبابُ: ذ (ع) جواني. اوج جو زمانو. عروج
شَباهَت: ث (ع) هڪجهڙائي. روپ- شڪل- ڊول. نمونو.
شَبِ بَخير: جملو (ف) رات جو موڪلائڻ وقت دعائيہ جملو تہ "رات خير سان گذري."
شَبِ برات: ث (ف) شعبان جي پندرهين تاريخ (مسلمانن جي عقيدي موجب انهيءَ رات عُمر جو حساب ۽ رزق جي تقسيم ٿئي ٿي. سنڌ ۾ ان رات سيرو ماني ۽ آتشبازي ڪندا آهن).
شَبِ بيداري: ث (ف) رات جو جاڳڻ (عبادت وغيره لاءِ).
شبِ تاب: ذ (ف) رات جي روشني. چنڊ. ڏيو. ڪڙڪيٽو.
شَبِ خُون: ذ (ف) رات جو حملو- راتاهو.
شَبِ بَخيز: ص (ف) رات جاڳندڙ. عبادت گذار.
شبّ خيزي: ث. رات جو اوجاڳو.
شَبد: ذ (سن) آواز. ٻولي جو گرامر. لفظ. ٻول. نالو. دعا.
شَبدڪوشُ: ذ. لغت- فرهنگ.
شَبِ ديجُور: ث (ف) اونداهي رات.
شب و روز: ذ (ف) رات ڏينهن. هروقت.
شَبستان: ذ (ف) رات رهڻ واري جاءِ- خلوتگاهه.
شَبِ ظُلمات: ث (ف) سخت اونداهي رات.
شبِّ قدرُ: ث (ف) ماهه رمضان جي ستاويهين رات (جيڪا ڀلاري رات سمجهي ويندي آهي).
شبڪور: ص (ف) رات جو نہ ڏسندڙ.
شَبِ ڪُوري: ث (ف) اکين جي هڪ بيماري (جنهن

۾ رات جو نظر نہ پوي).

شبَ معراج؛ ث (ف) نبي سڳوري جي معراج جي رات (رجب مهيني جي ٢٧ رات).

شبنم؛ ث (ف) ماڪَ.

شبهو؛ ذ (ع) شڪ- گمان.

شبيه؛ ث (ع) هڪ جهڙائي. شڪل- صورت. ٻول.

شتاب؛ ظ (ف) جلد- فورا- يڪدم- جهٽ پٽ.

شتابي؛ ث. جلدي- تيزي- تڪڙ.

شتر؛ ذ (ف) اُٺ.

شتربانُ؛ ذ. اوٺي- جَتُ.

شتر بي مهار؛ محاورو. ڇڙواڳ- آزاد.

شترڪينو؛ ذ. اُٺ وارو ويرُ. دائمي بغض- پڪي دشمني.

شترمرغ؛ ذ. هڪ تمام وڏو پکي (جنهن جا پير اُٺ جهڙا ٿين، اُڏامي نہ سگهي).

شپ شپ؛ ث. پاڻيءَ ۾ هلڻ يا زور سان مينهن وسڻ جو آواز.

شپڪو؛ ذ. زور سان ڪرڻ يا لڳڻ جو زوردار آواز- سٽڪور- ٺهڪو.

شجاع؛ ص (ع) بهادر- سورهيہ- دلير.

شجاعت؛ ث (ع) بهادري- سورهيائي- دليري.

شجر؛ ذ (ع) وڻ- درخت.

شجرو؛ ذ (ع. شجره) نسب نامو (عموما پيڙهيءَ جو سلسلو وڻ وانگر نقش ڪيو ويندو آهي).

شجره نسب؛ ذ. پيڙهيءَ جو سلسلو.

شخصُ؛ ذ (ع) ماڻهو- آدمي- فرد.

شخصي؛ ص. ذاتي- پنهنجو.

شخصيت؛ ث (ع) ماڻهپو- انسانيت. ماڻهوءَ جي خاص خوبي. عزت.

شد؛ ث (ع) هڪ اکر جو ٻئو اُچار (مثلا حقو، شداد وغيره). ڪنهن اکر جي ٻئي اُچار ڏيکارڻ لاءِ شد جي نشاني.

شدت؛ (ع) سختي. تڪليف. تيزي. ڏاڍائي. زور. غلبو. ضد- تيسو. دشمني.

شدّتي؛ ص. هوڏي- ضدي- تيسر. دشمني ڪندڙ.

شدني؛ ظ (ف) ٿيڻ جهڙو- ممڪن.

شدو؛ ذ (ع. شده) ضد- هوڏ.

شدو پڌڻ؛ هوڏ ڪرڻ- ضد ڪرڻ.

شدومد؛ ذ (ع) سختي- تيزي. تاڪيد. روان پڙهڻ ۾ زور ۽ چٽائي.

شديد؛ ص (ع) ڏکيو- مشڪل. سخت- ڏاڍو. زور وارو. ڳرو.

شڌُ؛ ص (سن) پاڪ- پوتر. خالص- نج. صاف.

شرُ؛ ذ (ع) بدي- خرابي. ٻڇڙائي. فساد- ڏُنگڙ. فتنو.

شر انگيز؛ ص. فسادي- فتني باز.

شرُ؛ ذ (ع) جِنُ- ڀوت. شرارت. فتنو.

شرُ ڪڍائڻ؛ شرارت ڪرڻ. شيطان گيري جهڙا ڪم ڪرڻ.

شرابُ؛ ذ (ع) مَد- مَي- دارون.

شرابخانو؛ ذ. شراب وڪامڻ يا پيئڻ وارو دڪان- ميخانو.

شرابي؛ ص. شراب پيئندڙ- مي نوش.

شرابور؛ ص (ع) پُسيل- ڀِنل. شل (پگهر ۾).

شرارت؛ ث (ع) حرڪت- مستي. لچائي. بدمعاشي. فتني انگيزي.

شرارتي؛ ث (ع) حرڪتي- لُچو- شيطان.

شرافت؛ ث (ع) ڀلمانسي- چڱمڙسي. خانداني بزرگي.

شراڪت؛ ث (ع. شراڪت) ڀائيواري- حصيداري. مائٽي ۾ ڳنڍيل.

شراڪت ڪرڻ؛ ڀائيواري ڳنڍڻ. شريڪ ٿيڻ- گڏجڻ.

شَراڪت نامو: ذ. ڀائيواري بابت لکيت ۾ اقرار نامو. ڀائيواري جي شرطن جي لکيت.

شَراڪتي: ٿ. ڀائيواري- حصيداري. ڀائپي (ص) ڀائيوار- شريڪ.

شَرارَه: ذ (ع) چڻنگ. آلو.

شَرائط: ذ (ع) "شرط" جو جمع.

شَربَت: ذ (ع) ڦڪل کنڊ يا مصريءَ وارو مٺو پاڻي (جنهن ۾ خوشبوءِ يا ميوي جو رس پيل هجي).

شِرجَڻ: م. ڪاوڙجڻ- ڏمرجڻ. چڙڻ.

شَرح: ٿ (ع) سمجهاڻي. وضاحت. بيان. تفسير. اگهه- نرخ.

شَرح ڪرڻ: تفصيل سان بيان ڪرڻ. معني ڪرڻ. کولي سمجهائڻ.

شَردا: ٿ (سن) يقين- ايمان. ويساهه. اعتقاد.

شَردالو: ص. ايمان رکندڙ- ويساهه آڻيندڙ.

شَرر: ذ (ع) چڻنگ. آلو.

شَرڙاٽ: ذ. سرڙاٽ. زور سان نڪرجڻ جو آواز. پاڻيءَ جو زور سان نڪرڻ جو آواز.

شَرط: ٿ (ع) هوڏ- بازي. شرطيه مقابلو.

شَرط ٻڌڻ، رکڻ: بازي لڳائڻ. مقابلو ڪرڻ.

شَرط: ذ (ع) انجام- قول. اقرار. قاعدي جي پابندي.

شَرطيه: ظ. شرط سان- قول سان. قاعدي سان. معاهدي موجب..

شَرع: ٿ (ع) رستو. خدا تعاليٰ جي ٻندن لاءِ مقرر ڪيل راهه. مذهب. قانون مُحمدي- شريعت.

شَرعا: ظ. شرع موجب. محمدي قانون مطابق.

شَرع مُحمدي: ٿ. اسلام جو قانون.

شَرعِي: ص. شريعت تي هلندڙ. اسلامي قانون موجب.

شَرف: ذ (ع) فوقيت- ترجيح. بزرگي. اشرافت. شان- مانُ.

شرف ڏيڻ: عزت ڪرڻ- مانُ ڏيڻ. ترجيح ڏيڻ.

شُرفا: ذ (ع) "شريف" جو جمع.

شَرف ياب: ص. عزت وارو- معزز. عزت حاصل ڪيل.

شَرق: ذ (ع) اُيرندو- پُورب.

شَرق و جنُوب: ذ. الهندو ايرندو.

شَرقِي: ص. اُيرندي جو- مشرقي.

شِرڪ: ذ (ع) خدا سان ٻيو ڳنڍڻ.

شُرڪا: ذ (ع) "شريڪ" جو جمع.

شِرڪت: ٿ (ع) شمُوليت. ساٿ ۾ ڳنڍجڻ. ڳنڍجاڻي. ڀائيواري.

شَرم: ذ (ف) حياءُ- لڄ- ٽِڪائي. حجاب. پيشماني- پڇتاءُ- ندامت. غيرت. لحاظ- مرم.

شرم اچڻ: حياءُ ٿيڻ- لڄ ٿيڻ.

شرم پرچائڻ: ٽڪائي وندرائڻ. شرمندو ٿيڻ.

شرم رکڻ: عزت رکڻ- لحاظ رکڻ.

شرم ڪرڻ: لڄ ڪرڻ- حياءُ ڪرڻ. لحاظ ڪرڻ.

شَرما شَرمِي: ٿ. لحاظ- مروت.

شَرمائڻ، شرمائجڻ: م. شرمسار ٿيڻ. ٽِڪو ٿيڻ- لڄ اچڻ. غيرت ڏيڻ.

شَرم ٻُوٽِي: ٿ. ڪ قسم جو ٻُوٽو (جنهن کي هٿ لائڻ سان پَن ڪومائجي وڃن).

شَرمسار: ص (ف) ٽِڪو- لڄي- شرمندو.

شَرمساري: ٿ. ٽِڪائي- لڄ. ندامت- پڇتاءُ:

شَرمناڪ: ص (ف) حياءُ جهڙو- نفرت جوڳو.

شَرمندگِي: ٿ (ف) شرم- لڄ. پشيماني- پڇتاءُ.

شَرمِنده: ص (ف) ٽِڪو- لڄي- شرمسار.

شرميلو: ص. لڄارو- محجوب.

شَرناءِ: ٿ (ف. سُرناءِ) ڦُوڪ سان وڄائڻ جو هڪ ساز.

شُروطُ، ذ (ع) "شرط" جو جمع.
شُروعُ، ذ (ع) ابتدا- آغاز- مُنڍ. (ص) هلندڙ- چالُو- رائج.
شُروع ڪرڻ، ابتدا ڪرڻ- آغاز ڪرڻ.
شُروع کان، ظ. اول کان- منڍ کان. ابتدائي.
شُروعاتَ، ث (ع) "شروع" جو جمع. ابتداء- منڍ- آغاز.
شِريانَ، ث (ع) سَنهي رڳ. نار- نبض.
شَرِيرُ، ص (ع) حرڪتي- لُچ- مستي خور. بدچال- بدمعاش. فسادي.
شَرِيعَتَ، ث (ع) مذهبي قانون- قانون الهي. قانون. طريقو.
شَرِيفُ، ص (ع) ڀلو ماڻهو. بزرگ. وڏ گهراڻو- خانداني. مقدس- پاڪ.
شَرِيڪ، ص (ع) حصيدار- ڀائيوار. شامل- مليل- گڏيل. ساٿي- رفيق. عزيز- مائٽ.
شَرِيڪ ڪرڻ، شامل ڪرڻ. ڀائيوار ڪرڻ. ملائڻ- گڏائڻ.
شَرِيڪَتَ، ث. عزازت- پنهنجائت. برادري.
شِستَ، ث (ف) نشانو- سڌائي. چستَ.
شِست ٻڌڻ، نشانو ٻڌڻ- چست ٻڌڻ.
شُستَ، ص (ف. شُستہ) صاف.
شُستگِي، ث (ف) صفائي. ٻوليءَ جي سلاست.
شُستہ، ص (ف) صاف. سليس (ٻولي).
شَش، ص (ف) ڇهه (عدد).
شش پهلوُ، ص. ڇهه ڪنڊو.
شش جِهَت، . ڇهه طرف (اُتر، ڏکڻ، اُلهندو، اُڀرندو، هيٺ، مٿي). (ظ) هرهنڌ. هرطرف.
شَش پنج، ث (ف) سوچ ويچار- ڳڻتي. ٻڏتر.
شَشدَرَ، ص (ف) ڇهن پاسن واري ماڳ تي بيٺل. حيران- وائڙو. مُنجهيل.
شُشڪارُ، ث. جانور کي سڏڻ لاءِ آواز- چُڇڪار.
شَشماهِي، ث (ف) ڇهه مهينا. ڇهن مهينن جو- ڇهماهي.
شَطرَنجُ، ث (ف) هڪ قسم جي راند (جيڪا چوهٺ خانن واري تختيءَ تي ٻن رنگن وارن هيٺين ٻٽيهن مُهرن سان کيڏجي، ٻه بادشاهه، ٻه وزير، ٻه گهوڙا، ٻه اُٺ، چار هاٿي ۽ سورهن پيادا).
شِعارُ، ذ (ع) چال- هلت- طريقو. عادت.
شُعاعُ، ذ (ع) ڪرڻو (صبح جو). روشني- چمڪو. تجلو.
شَعبانُ، ذ (ع) هجري سال جو اٺون مهينو.
شُعبدَہ، ذ (ف) جادو يا نظربندي وارو ڪرتب. نظربندي. فريب- دوکو- ٺڳي.
شُعبده بازُ، ص. هٿ نات ڪندڙ. مداري. ٺڳ.
شُعبدَہ بازِي، ث. جادو جا ڪرتب. نظربندي. فريب- مڪاري.
شُعبده گرُ، ص. بازيگر.
شُعبو، ذ (ع. شعبه) شاخ- حصو.
شَعرُ، شِعرُ، ذ (ع) بيت. ٻن مصراعن جو بيت. سخن. ڪلام. نظم.
شعر گوئِي، ث. شاعري.
شُعراء، ذ (ع) "شاعر" جو جمع.
شُعلو، ذ (ع. شعله) جيڀي- لهس. باهه جي لاٽ.
شُعله افشان، ص. باهه وَسائيندڙ- جيڀون ڪيندڙ.
شعله رُخ، شعله رُو، ص. سهڻو- حسين- خوبصورت.
شعله زبان، ص. تقرير يا گفتگو سان پڙڪائيندڙ.
شُعُورُ، شَعُورُ، ذ (ع) سمجهه- عقل. دانائي. لياقت- اهليت. سليقو.
شِغالُ، ذ (ف) گدڙ.
شَغَفُ، ذ (ع) تمام گهڻي محبت يا چاهه. چاهت. ونڊر.

شُغُل؛ ذ (ع) ڪم- ڌنڌو- پورهيو. وندر- تفريح. مولودن جي محفل.

شُغُل ڪرڻ؛ وندر ڪرڻ. مشغولي ڪرڻ. ڪم ڌنڌو ڪرڻ.

شَفا، شِفا؛ ث (ع. شِفا) صحت- تندرستي. بيماريءَ مان صحت يابي. بيماريءَ مان ڇوٽڪارو. علاج- دوا.

شِفاخانو؛ ذ. اسپتال- مطب. دواخانو.

شَفاياب؛ ص (ف) چڱو ڀلو- تندرست. بيماريءَ مان اُٿيل.

شَفاعَت؛ ث (ع) گناهن جي معافي لاءِ سفارش. ڇوٽڪارو- نجات. بيماريءَ مان نجات.

شفاف؛ ص (ع) نهايت صاف. آرپار ڏسجندڙ (شيشو وغيره).

شَفتالُو؛ ذ (ف) هڪ قسم جو ميوو (بادام جو قسم، ناتقو کٽو منو ٿئي).

شَفَق؛ (ع) شام جو افق تي ٿيندڙ ڳاڙهاڻ.

شَفقت؛ ث (ع) مهرباني. محبت- الفت. ڪرم- ٻاجهه.

شَفيع؛ ص (ع) شفاعت ڪندڙ. گناهن کان ڇوٽڪاري جي سفارش ڪندڙ.

شَفيع الأُمَم، شفيع الوريٰ؛ ذ. نبي سڳوري جو لقب. اُمت جي شفاعت ڪندڙ.

شَفيع مَحشر؛ ذ. قيامت جي ڏينهن سفارش ڪندڙ (نبي سڳورو).

شَفِيقُ؛ ص (ع) مهربان. غمخوار- همدرد. ٻاجهارو.

شَقُ؛ ص (ع) چيريل- ڦاٽل. (ذ) شڪاف- چير.

شَقُ القَمر؛ ذ. چنڊ جو چيرجڻ. نبي سڳوري جو آڱر جي اشاري سان چنڊ کي چيرڻ وارو معجزو.

شِق؛ ث (ع) حصو- ڀاڱو. تحرير جو ٽڪرو- پئرا. قانون جو فقرو.

شَقاوَت؛ ث (ع) نياڳ- بدبختي. بيرحمي.

شَقِي؛ ص (ع) نياڳو. ظالم- بيرحم.

شَقِيُّ القَلب؛ ذ. ظالم- بيرحم.

شَڪُ؛ ذ (ع) گمان- شبهو. وهم. انديشو. ڊپ.

شَڪُ شُبهو؛ ذ. وهم گمان. انديشو.

شِڪارُ؛ ذ (ع) جانور کي مارڻ. صيد- آهيڙو. کائڻ لاءِ ڦاسايل جانور وغيره. لُٽَ. لُٽَ جو مال. مفت جو مال.

شڪار ڪرڻ؛ جانور کي مارڻ. حلال ڪرڻ. لٽڻ- ڦرڻ. مطيع ڪرڻ.

شڪارگاهه؛ ذ. شڪار ڪرڻ جو ٻيلو يا جهنگل. شڪار لاءِ رک ڪيل ايراضي.

شِڪاري؛ ص. شڪار ڪندڙ- صياد- آهيڙي. اهو جانور يا پکي جنهن جي وسيلي شڪار ڪجي (ڪتو، باز وغيره). (ذ) هڪ قوم جو نالو.

شِڪايَت؛ ث (ع) دانهن ڪُوڪَ. پُڪار. تڪليف. ننڌا- گلا. غيبت. شڪوو- ميار- ڏوراپو.

شِڪايَتي؛ ص. شڪايت ڪندڙ. دانهي.

شَڪتي؛ ث (سن) قوت- طاقت- ٻل- زور.

شَڪِجَڻُ؛ م. گمان ٿيڻ- وهم ٿيڻ. شڪ پوڻ.

شَکرِ؛ ث (ف) ڪنڊ. مٺاڻ. اڇ صاف ٿيل ڳاڙهي ڪنڊ- مُسِتي.

شَکرپارا؛ ذ. ڪنڊ ۽ ميدي مان ٺهيل هڪ قسم جون ننڍيون چورس ٽڪيون.

شَکر رَنجي؛ ث. دوستيءَ ۾ رسامو.

شَکرقند؛ ث. گجر- لاهوري گجر.

شُڪرُ؛ ذ (ع) احسان مڃڻ- ٿورو ڳائڻ. احسانمندي.

شُڪر ادائي؛ ث. ٿورو مڃڻ- احسان ڳائڻ.

شُڪر بجا آڻڻ؛ احسانمندي جو اظهار ڪرڻ- ٿورو ڳائڻ.

شُڪر ڪرڻ؛ احسان مڃڻ. رضا تي راضي رهڻ.

شُڪُر، ص (سن) روشن- مُنور. (ذ) زهُرو گره.
شُڪروارُ، ذ. جمعي جو ڏينهن- جمعو.
شُڪرانو، ذ (ع. شڪرانہ) احسان- ٿورو. احسان مڃڻ- ٿورو مڃڻ.
شُڪرگذار، ص. احسانمند- ٿورائتو.
شڪرگذاري، ث. ٿورو- احسان. احسانمندي.
شِڪرو، ذ (ف) هڪ قسم جو شڪاري پکي.
شُڪريو، ذ. شڪرانو مڃڻ- شڪر ادائي ڪرڻ.
شِڪَستَ، ث (ف) هارَ- ماتَ. ڀاڃ. ڀڳ ٽوٽ.
شڪست خورده، ص. هارايل- هار کاڌل. ڀڳل ٽُٽل.
شڪست ڏيڻ، مات ڪرڻ- ماري ميڙائڻ. مغلوب ڪرڻ. بيوس ڪرڻ.
شِڪَستگِي، ث. هارَ. ڀڳ ٽوٽ.
شِڪست وريخت، ث. ڀڳ ٽوٽ- ڀڃ ڊاهہ.
شِڪَستہ، ص (ف) ڀڳل- ٽُٽل. هارايل.
شِڪَستہ حال، ص. محتاج- غريب. مصيبت زده.
شڪستہ حالي، ث. محتاجي- پريشاني. تباهي.
شڪستہ دل، ص. پريشان. غمگين. اُداس. نااميد.
شڪستہ دِلي، . تڪليف. مصيبت. مايوسي.
شِڪِل، ث (ع. شَڪل) صورت- روپ- چهرو. مُنهن مُهانڊو. تصوير. طريقو- ڍنگ- نمونو. نقشو- خاڪو. حالت.
شِڪل شَباهَت، ث. رنگ روپ- مُنهن مهانڊو.
شِڪَمُ، ذ (ف) پيٽُ. ٻَرُ. ويڪر.
شِڪَن، ص (ف) ڀڃندڙ- ٽوڙيندڙ. ڊاهيندڙ (صفاتي ڀڃاڙي طور ڪم ايندڙ).
شِڪَنَ، ث (ف) گهُنج. سَر (پيشانيءَ جا).
شِڪنجو، ذ (ف) ڇيڙڻ يا ڀڃاڙڻ جو اوزار- اِشڪنجو.
شِڪنجا چاڙهڻ، سيڪت ڏيڻ. جٺ مٺ ڪرڻ.

شِڪنجي ۾ ڏيڻ، ٻوهي ۾ ڏيڻ- مصيبت ۾ وجهڻ.
شِڪَنجِبِي، شِڪَنجبِيَ، ث (ف) ليمن جي رس وارو شربت. سُرڪو.
شَڪُور، ص (ع) گهڻو شُڪر ڪندڙ. خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو.
شُڪُوڪ، ذ (ع) "شڪ" جو جمع. گمان- وهم.
شِڪوو، ذ (ع. شڪوه) شڪايت- گلا. ميار- ڏورايو.
شِڪور شڪايت، ث. ڏک ڏورايو- گِلا ۽ ميار.
شِڪوه، ذ (ف) دٻدٻو- رعب. ڌاڪو. شان شوڪت.
شَڪِي، ص (ع. شڪ) شڪ ڪندڙ. بي اعتبار.
شِڪيبُ، ذ (ف) صبر- ماٺ. تحمل- بردباري. سَهپ.
شِڪيبائِي، ث. صبر- ڇُپ. تحمل- بردباري.
شَڪِيل، ص (ع) سهڻو- خوبصورت. حسين.
شِگافُ، ذ (ف) چِيرُ- سِيرَ. ڌرز. لوگهو. ڦاٽُ. ڦارُ- ڦرڙُ.
شگاف ڏيڻ، چير ڏيڻ- وڍُ وجهڻ.
شِگُفت، ص (ف) خوش- مسرور. ٽِڙيل (گُل).
شِگُفتگِي، ث (ف) خوشي- سَرهائي. آبادي.
شِگُفتہ، ص (ف) ٽِڙيل- کِليل. خوش- سَرهو.
شِگُفتہ مزاج، ص. خوشمزاج- کِلمک.
شِگوفو، ذ (ف) کَلِي- مکڙِي. غُنچو. انوکي ڳالهہ.
شُگُونُ، ذ (ف) سڳڻ- سَوڻ. فال.
شَل، حرف ندا (ف) شال- خدا ڪري.
شَلِ، شِلِ، ص (ع) بيحس- سائو. ٽڪل- ماندو.
شَلجَمُ" شلغَمُ، ذ (ف) گوگڙو.
شَلوارَ، ث (ف) سلوار- سُٿڻ- ڪانچَ.
شَلوڪُ، ذ (سن) نظم. شعر. بند. بيت.
شَمَ، ث (ع. شمع) تيز روشني- تجلو.
شُمارُ، ذ (ف) ڳڻپ. حساب. ڳاڻيٽو. تخمينو. اندازو. ڪَٿَ. (ص) ڳڻيندڙ.

شمار ڪان ٻاهر، ظ. بيحد- بيحساب- بي انت.
شُمار ۾ نه آڻڻ، ليکي ۾ نه آڻڻ. پرواهه نه ڪرڻ. نظرانداز ڪرڻ.
شُمالُ، ذ (ف) ساڄو هٿ. اُتر طرف.
شُمالي، ص. اُتريون- اُتر طرف وارو.
شَمامہ، ث (ع) خوشبوءِ- سُرهاڻ.
شمائلُ، ذ (ع) عادتون- خصلتون.
شِمرُ، ذ. يزيد جي فوج جو هڪ عهديدار جنهن حضرت امام حسين رضہ کي ڪربلا جي جنگ ۾ شهيد ڪيو. (ص) بدنصيب.
شَمسُ، ذ (ع) سج- آفتاب.
شَمسي، ص. سج سان تعلق رکندڙ. آفتابي.
شِمشادُ، ذ (ف) هڪ قسم جو ڏگهو ۽ سهڻو ڄاڀلو وڻ.
شَمشان، ذ (سن) مساڻُ- مَسَڻ (جتي هندو لوڪ مردا ساڙين).
شَمشير، ث (ف) تلوار- ترار- تيغ.
شمشير زَني، ث. تلوار بازي.
شَمَعَ، ث (ع) ميڻ بتي. ڏيو.
شمعدانُ، ذ. ميڻ بتي يا ڏيي رکڻ جو فانوس.
شَملو، ذ (ف. شمل) پٽڪي جو ڇيڙو- طُرو. دستار جو هڪ قسم.
شَمَن گُڏي، ث. نازڪ بدن ۽ سهڻي.
شُموليتَ، ث (ع) شراڪت- گڏجاڻي. ڀائيواري- حصيداري.
شَمہ، ذ (ع) ٿورو مقدار- ذرو.
شَميمَ، ث (ع) خوشبوءِ- سُرهاڻ.
شناخت، ث (ف) سڃاڻپ. تميز. واقفيت- آشنائي.
شَناخت ڪرڻ، سڃاڻڻ.
شَناسَ، ث (ف) سڃاڻپ. تميز (ص) سڃاڻندڙ.
شَناسُ، شَناسا، ص. سڃاڻندڙ. سڃاڻو- واقف.
شَناسائي، ث. ڄاڻ سڃاڻ. واقفيت.
شَناوَرُ، ص (ف) تارُو- پاڻيءَ ۾ ترندڙ.
شَناوَري، ث. ترڻ (پاڻيءَ ۾).
شَنگ، ص (ف) چالاڪ. شوخ. معشوق.
شِنگَرَفُ، ذ (ف) پاري ۽ گندرف مان ٺهيل هڪ دوا ۽ پسارڪو وکر.
شَنگورُ، ذ. شيدي- حبشي (جنهن جا گهنڊيدار وار هجن).
شَنگولُ، ص (ف) گهنڊيدار وارن وارو. سهڻو.
شُنوائي، ث (ف. شنيدن) ٻُڌڻ- سماعت. ڌيان. مقدمي جي هلڻ جي تاريخ.
شُنيد، ث (ف) ٻڌڻ جو عمل- سماعت.
شُنيدي، ث (ف) بدنامي- خواري. گلا.
شَنيع، ص (ع) خراب- بد. بدڪار. ڪميڻو.
شِوُ، ص (سن) نيڪ- سياڳو- سدورو. مهربان. هندن جي عقيدي مطابق ٽيو ديوتا (جيڪو موت جو ديوتا آهي). فنا ڪندڙ.
شوَ، ث. ٻڙي- صفر. واپار جي اصطلاح ۾ ڪجهہ بہ نہ.
شُو، ذ (انگ) بُوٽُ.
شَوال، ذ (ع) هجري سال جو ڏهون مهينو.
شِوالو، ذ (سن. شِوَ آليہ) "شِوَ" جو آستان. مندر.
شَواهِد، ذ (ع) "شاهد" جو جمع. شاهديون- ثابتيون. اهڃاڻ.
شوخ، ص (ف) چالاڪ- هوشيار. گستاخ. تيز. چمڪندڙ.
شوخائي، ث. چالاڪي. مُنهن رکائي.
شوخ طبع، ص. تيز مزاج. خوشمزاج.
شوخي، ث. چالاڪي- تيزي. شرارت.

شُوتَرُ: ذ (سن) هندن جو چوٿون ورن. گهٽ ذات- اڇوت.

شودو: ص (ع. شُهده) لُچو- حرڪتي. بدمعاش. ڳنديپيوڙ.

شورُ: ذ (ف) هُل- گوڙ. هنگامو. مشهوري. غلغلو. لوڻ. ڪلرُ. ڪلرائي زمين.

شور شَر. شور شرابو: ذ (ف) گوڙ گهمسان.

شور بخت: ص. نياڳو- بدبخت. منحوس.

شور ڪرڻ. شورُ مچائڻ: هُل ڪرڻ- گوڙ ڪرڻ. هنگامو ڪرڻ.

شور وِجهڻ: مُنهن ۾ گهنڊ وجهڻ. ڪاوڙجڻ.

شورش: ث (ف) هُلِ- گوڙ. فساد- بغاوت.

شورو: ذ (ف) هڪ قسم جي معدنيات (بارود ۾ پوي).

شوروو: ذ (ف. شوربہ) رَس- ٻوڙ جو پاڻي.

شورہ پُشت: ص (ف) سرڪش- نافرمان. فسادي. جهيڙاڪ.

شُوريٰ: ذ (ع) صلاح- مشورو.

شوريدگي: ث (ف) حيراني- پريشاني. چريائي- جنون. عشق- محبت.

شوريدہ: ص (ف) پريشان- حيران- ديوانو. عاشق.

شوريدہ سَر: ص. چريو. سودائي.

شوشو: ذ (ف) انوکي ڳالهہ. نئين ڳالهہ. ذرو.

شو شو چِڙڻ: جهيڙي جهڙي ڳالهہ ڪرڻ. فتني انگيزي ڪرڻ. شرارت ڪرڻ. افواہ پکيڙڻ.

شَوقُ: ذ (ع) خواهش- سَڌ- تمنا. چاهہ- لاڙو- رغبت. چسڪو. ڏُن- امنگ- اُتساہ. محبت. خوشي.

شوق سان: ظ. خوشيءَ سان- چاهہ سان.

شوقُ شِڪارَ: ذ. سير تفريح. گهمڻ ڦرڻ. وندر.

شوقينُ: ص. شوق رکندڙ. رنگين مزاج.

شَوقِيہ: ص. شوق سان.

شوڪ: ذ (سن) افسوس- ڏک- ارمان.

شُوڪارَڻُ: م. ٺُوڪ ڏيڻ (جنهن مان "شُو" جو آواز نڪري). تڏو ساہ پرڻ. ڦيٿو وغيرہ پڙهي چُوڪارڻ.

شُوڪارو: ذ. تڏو ساہ. اُبو ساہ. چوڪارو.

شوڪارا پرڻ: تڏا ساہ ڪڍڻ. افسوس ڪرڻ.

شَوڪَت: ث (ع) شان- دبدبو.

شُوڪجَڻُ: م. ٺُوڪجڻ- ڪاوڙجڻ. آڪڙجڻ.

شُوڪو: ذ. زور سان ٺُوڪ جو آواز. تيز آواز.

شولا: ذ (ف. شُلہ) ٻُلاہ جو هڪ قسم (پالڪ ۾ رڌل نرم ٻيت).

شُوم: ص (ع) نياڳو- منحوس. ڪنجوس- بخيل.

شُومَت: ث (ع) نياڳائي- چنڊائي- بدبختي. ڪنجوسي- بخيلي.

شُومَتِي: ص. شُوم.

شومي: ث. بدبختي- نياڳ.

شوهَرُ: ذ (ف) مڙس- خاوند- گهروارو- وَرُ.

شَہ. شَهہ: ث (ف) "شاہ" جو مخفف. بادشاہ. ترغيب- ڏاڍُ- لالچ. شطرنج راند ۾ بادشاہ کي شڪست.

شَهہ ڏيڻ: شڪست ڏيڻ (بادشاہ کي شطرنج ۾). ترغيب ڏيڻ. حرصائڻ- آپارڻ.

شَهہ ۾ پوڻ: ڳَهَڻ ۾ پوڻ. وڏائي ۾ پوڻ. هوڏ ۾ پوڻ.

شَهاب: ذ (ف) ڪَسُونبي مان نڪتل رنگ- گلابي رنگ. سُرخي.

شَهابي: ص. گلابي (رنگ).

شِهابُ: ذ (ع) ڄيڀي (باهہ جي). لاٽ- شعلو.

شِهاب ثاقب: ذ. ڪِرندڙ تارو- ڪِرَيل تارو (عموما اُيرندي ڪان الهندي ويندي ڏسبو آهي).

شَهادَت: ث (ع) گواهي- شاهدي. حق جي راهہ ۾ وڙهندي مارجڻ- جهاد ۾ مارجڻ. ناحق قتل. خدا تعاليٰ

جي وحدانيت ۽ نبي سڳوري جي رسالت جو اقرار.

شَهامَت: ث (ع) بهادري- سورهيائي- دليري.

شَهباز: ذ (ف) وڏو باز (شڪار ۾ ڪم ايندڙ).

شَهه تارُو: ذ. هڪ قسم جو جيت جيڪو پاڻيءَ جي مٿاڇري تي تڪو هلندو آهي.

شَهتُوت: ذ (ف) وڻ ۽ ميوي جو قسم- تُوت.

شَهتِير: ذ (ف) ڇت جي وڏي ڪاڙي- ڪام.

شَهپَر: ذ (ف) پکيءَ جي کنيڙاٽيءَ جو وڏو کنڀ. مُڇَ جو هڪ پاسو. مُڇون.

شَهد: ث (ع) ماکي- انگبين (ف).

شُهداء: ذ (ع) "شهيد" جو جمع.

شُهدو: ص. بدمعاش- لُچو. حرڪتي. شودو.

شَهَرُ: ذ (ع) مهينو- ماهه. (ف) تمام گهڻن گهرن ۽ گهڻن ماڻهن جي رهائش وارو هنڌ- مدينو.

شَهرِ پَناهه: ث. شهر جي بچاءَ لاءِ چوڌاري ڏنل ڪوٽ.

شهرِ خَموشان: ذ. قبرستان- مقام.

شُهرت: ث (ع) ناموس. مشهوري. بدنامي.

شَهرگ: ث (ف) ڳچيءَ واري شِريان.

شُهرَه: ذ (ع) مشهوري.

شُهره آفاق: ص. عالم ۾ مشهور.

شَهرِي: ص. شهر جو. شهر جو رهاڪو.

شَهريارُ: ذ (ف) بادشاهه.

شَهرِيَت: ث (ع) شهر ۾ رهڻ جو حق. شهري آبادي. شهر جا باشندا ۽ سندن تهذيب.

شَهزادو: ذ (ف) بادشاهه جو پٽ. (ث. شهزادي)

شَهزورُ: ص (ف) پهلوان- سگهارو. ڏاڍو مڙس.

شَهزورِي: ث. طاقت. پهلواني. ڏاڍمڙسي.

شَهسُوارُ: ذ (ف) قابل گهوڙي سوار. ڇاڻو سُوار.

شَهسُوارِي: ث. گهوڙي تي چڙهيءَ جي مهارت.

شَهه ڪارِيگرُ: ص (ف) وڏو ماهر ڪاريگر.

شَهلا: ث (ع) نيراڻ، ڀُوراڻي يا سُرخي مائل اکين واري.

شَهه نَشِين: ث (ف) بادشاهه جي ويهڻ جي گادي يا مَسند.

شَهه ماتِ: ث (ف) شطرنج ۾ بادشاهه کي شڪست واري چال.

شَهنائي: ث (ف) هڪ قسم جو ساز (سنڌ ۾ مڱڻهار وڄائين)- شرناءِ.

شَهنشاهُ: ذ (ف) بادشاهن جو بادشاهه. سُلطان.

شهنشاهِي: ث. بادشاهي. سلطنت.

شَهوانِي: ص (ع) شهوت وارو- نفساني.

شَهوَت: ث (ع) خواهش- سَڌَ. جماع جي سَڌ.

شَهوَتي: ص. سڌڙيو. زناڪار.

شُهودَ: ذ (ع) حاضري. موجودگي. اکين ڏٺي شاهدي. قيامت جو ڏينهن. (صوفين جي اصطلاح ۾) خُدا جو ديدار.

شهوَنگُ: ذ (ف) دروازي جي مٿان سِرُن يا پٿرن جي ڪمان. ڪوهه کڻڻ وقت تري ۾ رکڻ وارو چَڪُ.

شَهِيدُ: ذ (ع) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. (ص) خدا جي راهه ۾ قربان ٿيل. مقتول. عاشق.

شَيءِ: ث (ع) چيز- ٿوڪ- ٽول- وکر. ناياب شيءِ.

شَيءِ شِڪلِ: ث. ڪابه شيءِ. مال مڏي. سامان سڙو. وسلا واڙي.

شيخ: ذ (ع) پوڙهو- پيرسن. مذهب اسلام ۾ آيل شخص. سردار- حاڪم. اڳواڻ. مرشد. سجاده نشين. طريقت جي سلسلي ۾ اڳواڻي ڪندڙ (جيڪو وڏو عالم هجي).

شيخِي: ث. وڏائي- بزرگي. غرور- گهمنڊ.

شِيخَ: ث. سِيخَ. لوهه جي ٿلهي تار.

شِيخَ پچائڻ: سختيون سهڻ- ڪشالا ڪڍڻ. عذاب سهڻ.

شيدا، ص (ف) عاشق- فدا. ديوانو.
شيدائي، ص. شيدا.
شيدي، ذ. "حبشي" قوم جو فرد- حبشي. (ث. شيدڻ. شيدياڻي).
شيرُ، ذ (ف) شينهن- اسد. (ص) پهلوان- سگهارو.
شيرُ، ذ (ف) کيرُ.
شيرخوار، م. کيرپياڪ.
شير شکر، ص. کنڊ کير. ريڌل پرتل.
شيردانُ، ذ (ف) کير ڏيندڙ جانور جو اهو عضوو جنهن ۾ کير ٿهي- اوهُ.
شيرمالُ، ذ. کير، ميدي ۽ کنڊ مان ٺهيل مٺي ماني.
شيرازو، ذ (ف. شيرازه) جلد بندي ٿيل ڪتاب جي پٺ ۾ لڳل پٽي (چمڙي يا ڪپڙي جي). سلسلو. انتظام.
شيرازي بندي، ث. جلد بندي. سلائي سان ڪتاب تي جلد ٻڌڻ جو هڪ نمونو- جزبندي.
شيردل، ص (ف) بهادر- سورهيه.
شيرو، ص (ف) اڇين نيرين يا ساين اکين وارو.
شيرو، ذ (ف) ننڍڙن ڇٻرن ڏندن وارو، قوام. پٽڙو ڳڙ. سيرو. ڪنهن به وکر جو پٽڙو قوام- راٻڙو.
شيري، ث (ف. شيرين) مٺاڻ. ذائقو- لذت- سواد.
شيرين، ص (ف) مٺو. لذيذ. وڻندڙ.
شيرين بياني، ث. مٺيون ڳالهيون. وڻندڙ ڳالهائڻ.
شيرين دهن، ص. مٺو ڳالهائيندڙ. خوش گفتار.
شيرين زبان، شيرين ڪلام، ص. خوش گفتار- فصيح.
شيريني، ث. مٺاڻ. کيرڻي.
شيش، ذ (ف. 'شيشه' جو مخفف) شيشو- ڪاچ.
شيش گر، ص. شيشي مان چيزون ٺاهيندڙ.
شيش محلُ، ذ. اهو گهر يا محلات جنهن ۾ ڇتيني طرفن آرسيون لڳل هجن.
شيشمُ، ذ. هڪ قسم جو وڻ- (عام طرح) ٽالهي جو وڻ.
شيش نانگُ، ذ (سن) نانگ جو هڪ قسم (جنهن جي مٿي ۾ مڻ ٿئي).
شيشو، ذ (ف. شيشه) ڪاچُ- ڪچُ. بوتل- باٽلي. آرسي- ٽڪ- آئينو.
شيشي، ث (ف) ننڍي بوتل. دوا جي بوتل.
شيشي سونگهائڻ، دوا جي زور تي. بيهوش ڪرڻ.
شيطانُ، ذ (ع) ڇهن وڏن فرشتن مان هڪ فرشتو جنهن کي آدم کي سجدو نه ڪرڻ ڪري تڙيو ويو هو. (ص) حرڪتي. لُچو- شرارتي. فسادي.
شيطانپائي، ث. شيطاني- شرارت- لُچائي. حرڪت- ڪيچل.
شيطان چڙهڻ، ڪاوڙ. چڙهڻ. ضد ۾ پوڻ.
شيطاني، ث. شرارت- لچائي. حرڪت. بدمعاشي.
شيطنت، ث (ع) شرارت. لچائي. برائي- بچڙائي. فتنو.
شيعو، ذ (ع. شيعه) مسلمانن جو هڪ فرقو.
شيفتگي، ث (ف) حيراني. عشق.
شيفته، ص (ف) عاشق- فريفته- مفتون.
شيفته حال، ص. پريشان حال. عاشق.
شيفته سر، ص. پريشان- حيران. عاشق.
شيڪرَ، ث. اجائي وڏائي. ڪاوڙ.
شيڪو، ذ. ڪراهت- نفرت. ٻڇان. حذر. ضد.
شيلُ، ذ (ع. سَير) گشت. هواخوري لاءِ گهومر- چهل قدمي.
شيل شڪارُ، ذ. گهمڻ ڦرڻ- هواخوري ۽ تفريح.
شينهن، ذ (سن. سينهه) مشهور جهنگلي جانور- شيرُ- اسد. (ث. شينهڻ).

شينهن ڪُلهي چڙهڻ: ڪنهن مشڪل ڪم مان پار پوڻ. نياڻيءَ جو وهانءُ ٿيڻ.
شينهون: ص. شينهن جهڙو. قد ۽ رنگ جي لحاظ سان ڪُتي جو قسم.
شيوا: ث (سن) خدمت. ٽهل- چاڪري.
شيوَڪ: ص. خذمتگار- چاڪر.
شيوَن: ذ (ف) روج پٽڪو- ماتم. ڏک يا صدمي کان آهه زاري.
شيوو: ذ (ف. شيوَه) طور- طريقو- ڍنگ. رسم.
شيهو: ذ. ڌاتوءَ جو هڪ قسم.

ص

ص: ذ (ع) سنڌي الف- بي جو چوٽيهون اکر. عربي جو چوڏهون ۽ فارسي جو سترهون اکر. ابجد موجب عدد (۹۰).
صابُ: ظ (ع) سڄايو. قبول.
صابُ پوڻ: قبول پوڻ. سڄايو ٿيڻ.
صابِرُ: ص (ع) صبر ڪندڙ. صبر وارو. بردبار. رضا تي راضي.
صابري: ص. صبر وارو. بردبار.
صابِرين: ص (ع) "صابر" جو جمع. صبر وارا.
صابُڻُ: ذ (ع) تيل، سوڍا ڪاسٽڪ ۽ ميدي مان ٺهيل نرم ٽِڪي (ڪپڙن ڌوئڻ يا وهنجڻ لاءِ).
صاحِبُ: ذ (ع) يار- دوست- ساٿي. مالڪ- ڌڻي. حاڪم. سردار. تعظيم طور ڪم ايندڙ لقب.
صاحِيان: ث. ماٿي جو نالو.
صاحبِ اختيار: ذ. مرضي جو مالڪ. وس وارو. حاڪم.
صاحبِ اخلاق: ص. سلڇڻو. فضيلت وارو. مهذب.
صاحبِ تدبير: ص. حيلو وسيلو هلائيندڙ. تجربيڪار. هوشار. مدبر- ڏاهو.
صاحبِ دِل: ذ. خدا شناس. دلير. سخي.
صاحبِ فراش: ص. بستري داخل- بيمار. کٽولي داخل- مريض.
صاحِبزادو: ذ (ع. ف) پُٽ- فرزند. صاحب جو اولاد. (ث. صاحبزادي).
صاحِب سَلامت: ث. چاڻ سُڃاڻ- واقفيت. سلام دعا. ملاقات.
صاحِبلوڪُ: ذ. عام طرح يورپي حاڪم يا آفيسر. انگريز- فرنگي- گورو.
صاحِبي: ث. حڪومت- بادشاهي. حڪمراني. آفيسري. اختيار. دور- عهد- زمانو.
صاحبي هلائڻ: حڪومت ڪرڻ. ظلم سان حڪم هلائڻ.
صادُ: ذ (ع) ڪنهن لکيت وغيره تي "ص" جو اکرلکڻ (جيڪا جڻ تہ منظور ڪرڻ جي نشاني آهي). منظوري. قبوليت.
صاد ڪرڻ: منظور ڪرڻ. تصديق ڪرڻ. قبول ڪرڻ. دستخط ڪرڻ.
صادِر: ص (ع) جاري- نافذ (ڪرڻ، حڪم وغيره).
صادِر ڪرڻ: جاري ڪرڻ (حڪم)- نافذ ڪرڻ. ڪو حڪم يا فرمان پاس ڪرڻ.
صادِقُ: ص (ع) سچو. پَڪو (قول جو). نيڪ- درست.
صادِقُ اليَقِين: ص. سچي ويساه وارو. پڪو ويساه ڪندڙ.

صاعِقَہ؛ ث (ع) کِوَڻ- برق.
صافُ؛ ص (ع) اُجرو. پاڪ. بي داغ. نِبار- خالص. چِٽو- ظاهر.
صاف ڪرڻ؛ اڇو ڪرڻ. چِٽو ڪرڻ. اُجرو ڪرڻ. مير ڪڍڻ. ٻهارو ڏيڻ.
صاف جَوابُ؛ ذ. کُليو انڪار- ڪُٽو جواب.
صافدِل؛ ص. جنهن جي دل ۾ ٻيائي نہ هجي. بي ريا.
صافدِلي؛ ث. دل جي صفائي. سچائي. نيڪ ليتي.
صاف صاف؛ ظ. کُليو کلايو- ظاهر ظهور- پڌري پٽ.
صاف صفائي؛ ث. اڇائي- چِٽائي (معاملي يا موسم جي). چنديچاڻ.
صافو؛ ذ. تاڏل وغيره ڇاڻڻ جو ڪپڙو. ديڳ جي مٿان ڏيڻ جو ڪپڙو. پٽڪي يا پڳ جو خاص ڪپڙو. پڳ.
صافِي؛ ث. حساب صاف ٿيڻ بعد باقي، باقي صاف بچت. صفائي جو ڪپڙو. حجامت. سُلفي جي ڦوڪَ کي صاف ۽ ٿڌي ڪرڻ جو ڪپڙو.
صالِحُ؛ ص (ع) سلڇڻو. نيڪ- پرهيزگار. لائق- قابل.
صانِعُ؛ ص (ع) ٺاهيندڙ- بنائيندڙ. ڪاريگر. هنرمند. پيدا ڪندڙ- خالق.
صاهُرا، صاهريجا؛ ذ (ع. صِهْرو) هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ. گهوٽ يا ڪنوار جا مٽ مائٽ- ساهُرا.
صائِبُ؛ ص (ع) ٺيڪ- درست.
صائِب راو؛ ص . صحيح راءِ رکندڙ. ڏاهو- عقلمند.
صَبا؛ ث (ع) اوير جي هوا- پوئين رات لڳندڙ پورب جي هوا. صبح جي هير.
صُباح؛ ث (ع) صبح- فجر.
صَباحَت؛ ث (ع) سُونهن- حُسن. بدن جو سفيد رنگ- ڳوراڻ.
صُبْح؛ ث. ذ (ع) سج ايرڻ جي مهل. فجر- پريات.

صُبحِ اَزَل؛ ث. اُها صبح جنهن جي ٻپهر نہ ٿئي. هميشگي وارو وقت، دوام.
صُبح سويري؛ ظ. علیٰ الصبح- فجر جو. صبح جو سان ئي.
صبح شام؛ ظ. هروقت.
صبح شام ڪرڻ؛ اڄ سڀاڻي ڪرڻ. بهانا ڪرڻ- ٽالڻ.
صبح صادِقُ؛ ث. پرهہ ڦُٽي.
صبح ڪرڻ؛ رات گذارڻ- رات ڪاٽڻ.
صبح ڪاذِبُ؛ ذ. وڏو اسر.
صَبْر؛ ذ (ع) ماٺ- چُپ. تحمل. برداشت- سهپ.
صَبر اچڻ؛ ماٺ اچڻ. تسلائي ٿيڻ.
صبر ڪرڻ؛ ماٺ ڪرڻ. ڌيرج ڪرڻ. برداشت ڪرڻ. توڪل ڪرڻ.
صُبُوح؛ ذ (ع) صبح. فجر.
صَبِيح؛ ص (ع) ڳورو- اڇو.
صَحابہ؛ ذ (ع) "صاحب" جو جمع. نبي سڳوري جا اصحاب.
صَحابہ ڪِرام؛ ذ. نبي سڳوري جا وڏا اصحابي.
صُحابَت؛ ث. سُلڇڻائي- خوش اخلاقي. محبت ۽ خلوص وارو جذبو. سباجهڙائي.
صَحابِي؛ ذ (ع) جيڪو شخص مسلمان ٿي نبي سڳوري جي خدمت ۾ رهيو. نبي سڳوري جو رفيق.
صِحاح سِتہ؛ ث. حديث جا ڇهہ ڪتاب جن جون حديثون درست سمجهيون وڃن ٿيون (بخاري، مسلم، ترمذي، ابوداؤد، ابن ماجہ، نسائي).
صَحافَت؛ ث. لکڻ جو هنر. اخبار نويسي.
صَحافِي؛ ص (ع. صَحف) لکندڙ. اخبار نويس. خاطو.
صُحَبتَ؛ ث (ع) دوستي- ياري. سات- رفاقت. گڏجاڻي- ملاقات. ڪچهري- رهاڻ.

صُحبتي: ص. يار- دوست. ساٿي. ملاقاتي.
صِحّتَ: ث (ع) چڱڀلائي- تندرستي. شفايابي. درستي- تصحيح.
صِحّت بخش: ص. تندرستي ڏيندڙ. شفا ڏيندڙ.
صِحّتياب: ص. تندرست- چڱو ڀلو.
صِحّتيابي: ث. تندرستي- چڱڀلائي.
صِحّت نامو: ذ. ڪتاب ۾ غلطين جي درستي.
صَحرا: ذ (ع) رڻ- بيابان- ريگستان.
صَحرائي: ص. بياني. ريگستاني.
صَحنُ: ذ (ع) اڱڻ- آڱند.
صَحِيح: ص (ع) درست- ٺيڪ. سچو- ثابت. اصلي. نج. (ث) دستخط. تصديق.
صحيح سالم، صحيح سلامت: ظ. سچي جو سچو. پورو- مڪمل- ثابت. جيئرو جاڳندو.
صحيح ڪرڻ: درست ڪرڻ- ٺيڪ ڪرڻ. دستخط ڪرڻ. اصلاح ڪرڻ. تصديق ڪرڻ.
صَحِيفو: ذ (ع) ڪتاب. آسماني ڪتاب. الهامي ڪتاب.
صَد: ص (ف) سَئو- هڪ سئو.
صَد آفرين: جملو. تمام گهڻيون شاباسون.
صَد بار: ظ. سئو ڀيرا. ڪيئي ڀيرا.
صَدا: ث (ع) آواز. سڏ. سَڏَ. گهُرَ- سُوال. گونج- پڙاڏو.
صدا هڻڻ: سَڏَ هڻڻ- سُوال ڪرڻ. گهُرَڻ لاءِ آواز ڪرڻ.
صَدارَت: ث (ع) صدر جو عهدو. اڳواڻي (مجلس يا محفل جي).
صَداقت: (ع) سچائي- صدق. ايمانداري.
صَدَرُ: ذ (ع) سينو- ڇاتي. مٿيون حصو. مٿاهين جڳهه. فوج جي رهڻ جي جاءِ- ڇانوڻي. اڳواڻ. تڏو- پڙچ (قيش جو).
صدر مَجلس: ذ. مجلس جو اڳواڻ- پريزيڊنٽ.

صدر مَقامَ: ذ. دارالسلطنت- تخت گاهه. گاديءَ جو هنڌ.
صدر بازار: ث. ڇانوڻيءَ جي بازار.
صَدري: ث (ع. صدر) هڪ قسم جو لباس (جنهن سان فقط سيني ۽ پيٽ وارو حصو ڍڪجي). (ص) سيني وارو- ڇاتيءَ وارو.
صَدَف: ث (ع) سِپَ- سِپڙي.
صَدَق: ظ (ع) سَچو. صدقي- قربان- فدا.
صِدقُ: ذ (ع) سچائي- خلوص.
صَدقو: ذ (ع) قرباني (ڪنهن مصيبت ٽارڻ لاءِ). خيرات. عيوض. (ص) فدا- قربان.
صَدقو ٿيڻ: قربان ٿيڻ. نثار ٿيڻ- گهورجڻ. ٻلهار ٿيڻ.
صدقو ڪڍڻ: قرباني ڪرڻ. خيرات ڪرڻ. ڪا شيءِ گهوري ڏيڻ.
صَدقي: ظ. قربان- ٻلهار. طفيل- بدولت.
صدقي وڃڻ: قربان ٿيڻ. ٻئي لاءِ جان ڏيڻ. ٻلهار ٿيڻ.
صَدمو: ذ (ع) ڌڪ- چوٽ. ٽڪر- ڌڪو. حادثو. اوچتو نقصان.
صَدما سَهڻ: ڌڪ سهڻ. نقصان سهڻ. ڏک برداشت ڪرڻ. تڪليفون سهڻ.
صَدي: ث (ف) سئو سال. سيڪڙو.
صِديق: ص (ع) سچو. تصديق ڪندڙ. حضرت ابابڪر رضہ جو لقب.
صَراحَت: ث (ع) وضاحت- تشريح.
صُراحي: ث (ع) پاڻي رکڻ لاءِ ٺڪر جو هڪ خاص ٿانءُ- گهگهي.
صِراط: ث (ع) رستو- راهه. دوزخ جي مٿان اڏيل پُل (جيڪا وار کان سنهي ۽ تلوار کان تکي آهي. سيني کي اُتان لنگهڻو پوندو. گنهگار ويچي وڃي دوزخ ۾ ڪرندا ۽ نيڪ لنگهي ويندا).

صِراطِ مُستقيم: ث. سنئون رستو- سنئين واٽ.
صَرّافُ: ذ (ع) سون چاندي پرکيندڙ. شاهوڪار. مٽين موتين جو واپار ڪندڙ. سون چاندي جو واپاري. پارکُو.
صَرف: ذ (ع) خرچ. ڪاپو. استعمال. گذارو. گردان (گرامر ۾).
صرف ڪرڻ: خرچ ڪرڻ. استعمال ۾ آڻڻ. بسر ڪرڻ (حياتي).
صَرف نَحو: ذ (ع) گرامر.
صِرف: ظ (ع) نج- خالص. رڳو- فقط.
صَرفو: ذ (ع) ڪفايت. خرچ ۾ ڪفايت شعاري.
صَرِيح: ص (ع) صاف- چٽو- ظاهر- پڌرو.
صَريحاً: ظ. کُليو کلايو- ظاهر ظهور- پڌري پٽ.
صَرِير: ذ (ع) قلم سان لکڻ جو چرڙاٽ. قلم.
صَعُوبَت: ث (ع) مصيبت- تڪليف. ڏکيائي. مشڪلات- اهنج. ڪشالو- هلاڪي.
صَغِيرُ: ص (ع) ننڍو. ٻارڙو. ابهم.
صَغِيرسِني: ث. ننڍڙائي. ننڍي عمر- ٻالڪپڻ.
صَغِيروڪبِير: ذ. ننڍا وڏا- اعليٰ ادنيٰ.
صَغِيرِي: ث. ننڍپڻ- ٻالڪپڻ.
صَفَّ: ث (ع) قطار- لامَ. نمازين جي قطار.
صَفَّ آرا: ص. قطار ۾ بيٺل. ميدان ۾ صفون ٻڌل. جنگ ۾ مقابلي لاءِ تيار.
صَف بَندي: ث. قطار ۾ بيهڻ.
صف آرائي: ث. مقابلي لاءِ قطاربندي- لام بندي.
صفون ٻڌڻ: قطارن ۾ بيهڻ. لامون ٻڌڻ.
صَفا: ص (ع) صاف- اُجرو- سُٿرو. چٽو- ظاهر.
صَفا صَفا: ظ. ويران- برباد. صاف ميدان.
صفا چَٽ: ظ. ٻنهي برباد. ٿلهو ميدان.
صفا ڪرڻ: اُگهي صاف ڪرڻ. اجو اجرو ڪرڻ.

صِفات: (ع) "صفت" جو جمع. وصفون- گڻ- چڱايون.
صِفاتي: ص. عارضي- جُڙتو- هٿراڌو.
صَفائي: ث. سُٿرائي- اوجَرُ. چنڊ ڦوڪ. چٽائي. پڌرائي. وضاحت. سچائي. پاڪيزگي- پاڪائي.
صفائي ڪرڻ: اگهڻ- چنڊڻ. ٻهارڻ. ميڙڻ. چٽائي ڪرڻ. گم ڪرڻ. وضاحت ڪرڻ. سُچ ڪرڻ.
صِفَتِ: ث (ع) خوبي- گُڻ. خاصيت. واکاڻ- تعريف- ساراهه. وصفو. گرامر موجب اسم يا ضمير جو گڻ ڏيکاريندڙ لفظ.
صفت ڪرڻ: ساراهه ڪرڻ- واکاڻ ڪرڻ.
صُفحات: ذ (ع) "صُفحه" جو جمع- صُفحا.
صُفحو: ذ (ع) ورق جو هڪ پاسو- پنو.
صُفحئه هَستي: ث. دنيا. حياتي.
صَفَرُ: ذ (ع) خالي مهينو. هجري سال جو ٻيو مهينو (عورتون اهو مهينو نحس سمجهن).
صَفر المظفر: ذ. سياڳو سفر جو مهينو.
صَفر پوئين اربعا: ث. صفر مهيني جي پڇاڙيءَ وارو اربعا جو ڏينهن (جيڪو عام طرح عورتون سياڳو سمجهن).
صِفر: ث (ع) ٻڙي. خالي- ڪجهه به نه.
صَفرا: ث (ع) انسان جي چئن خلطن (باد، آبي، آتشي، صفرا) مان هڪ جو نالو. سوداءُ.
صَفو: ذ (ع. صَفَ) ڏيدي. وڏو ڪمرو. دالان.
صَفِي: ص (ع) صاف- روشن. ايماندار. دوست.
صَفِي الله: ذ. خدا جو دوست. حضرت آدم سڳوري جو لقب.
صَلا: ث (ع) آواز. سڏ. ڪاڏي يا ڪنهن ڪم ۾ شريڪ ٿيڻ جو سڏ.
صَلاءِ عام: ذ. عام سڏ. سيني کي صلاح.
صَلابَتَ: ث (ع) مضبوطي- ڏاڍائي- پختگي.

بيهڪ- استحڪام. شان شوڪت. فطري خوبي.

صَلاحَ: ث (ع) مشورو. راءِ- رٿَ- تجويز. ارادو- مرضي. آچ (مانيءَ کائڻ يا ڪنهن ڪم ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ). مَت- نصيحت.

صلاحڪارُ: ص. راءِ ڏيندڙ. مُشير. وزير.

صلاح ڪرڻ: ارادو ڪرڻ. مشورو وٺڻ. ڪاڏي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سڏ ڪرڻ.

صلاح-مَشوَرو. صلاح مصلحت: ذ. رايو- پڇاڳاڇا. غور ويچار. ڳڻ ڳوٽ.

صَلاحُو. صلاحِي: ص. صلاح ۾ گڏ. صلاحڪار. منصوبي ۾ شامل. ڪم ڪار ۾ گڏ. شريڪ- ساٿي. ڀِٽ- جُٽَ.

صَلاحِيّتَ: ث (ع) قابليت- لياقت. خوبي.

صُلب: ذ (ع) نسل- پيڙهي.

صُلحُ: ذ (ع) ٺاهه- ميلاپُ. اتحاد. اَمُن. راضپو.

صُلح ٿيڻ: ٺاهه ٿيڻ. راضي نامو ٿيڻ. پرچاءُ ٿيڻ. امن ٿيڻ.

صُلح پسند: ذ. اَمُن پسند.

صُلح ڪُل: ص. جهيڙي فساد کان بچندڙ. امن پسند.

صُلحِنامو: ذ. راضي نامو- ٺاهہُ- پرچاءُ. ٺاهہ جو لکيل اقرارنامو.

صَلعم: ذ (ع) "صلي الله عليه وسلم" جو مخفف.

صِلو: ذ (ع. صِلہ) انعام. عطا- بخشش. بدلو- عيوض. اجورو.

صَلواةُ: ث (ع) اُچار "صَلاتِ". نماز. دعا. رحم (خدا جو).

صَلواةُ: ث (ع) درود. خدا جي رحمت. ڪنهن ڪمَ شيءِ کان باز اچڻ يا دستبرداري.

صلواتون پڙهائڻ: جُٺ ڪرڻ. مُنهن تي عيب ثواب پڙهائڻ. گهٽ وڌ ڳالهائڻ. سِڌيون پڙهائڻ.

صَليبُ: ذ (ع) پڪڙيل ٻانهُن سان ماڻهوءَ وانگر ٺهيل ڪاٺي (جنهن تي ماڻهو کي ڪِلَ هڻي تنگي سزا ڏني ويندي هئي.)

صَمَد: ص (ع) بي نياز (جنهن جا سڀ محتاج هجن). دائمي- ابدي. خداتعاليٰ جو هڪ نالو.

صَنائع: ذ (ع) ڪاريگر- هنرمند.

صَناع: ذ (ع) "صنعت" جو جمع. هُنرَ- ڏانءَ.

صَنائع وبَدائع: ذ. عجيب غريب هنر. ڪلام ۾ باريڪيون. ڪلام ۾ رنگيني پيدا ڪرڻ لاءِ عجيب غريب نڪتا.

صَندَلُ: ذ (ع) هڪ قسم جو خوشبودار وڻ- چندن. تخ ت.

صَندل جو ٻُورو: ذ. چندن جي ڪاٺيءَ جو ٻُورو (خوشبودار ٿئي ۽ دوا طور ڪم اچي).

صَندَلي: ث (ع) ويهڻ لاءِ ڪاٺ جي پيڙهي. ڪاٺ جي مَنجي.

صَندُوقَ: ث (ع) پيٽي. ڪاٺ جي پيٽي.

صَندُوقچي: ث. ننڍڙي پيٽي.

صَنعَت: ث (ع) ڪاريگري- هنرمندي. دستڪاري. ڏانءُ- هُنر. فن.

صَنعت گر: ص. ڏانءَ وارو- پيشہ ور. ڪاريگر. حرفتي.

صنعت گري: ث. ڪاريگري- هنرمندي.

صَنعَتي: ص. هنري. هُنرجو.

صِنفَ: ث (ع) قِسم- نوع. جنس.

صَنَمُ: ذ (ع) بُت. مُورتي. پُتلو (مٽيءَ، پٿر، ڌاتو يا ڪاٺيءَ وغيره جو). (ص) معشوق.

صَنم خانو: ذ. بُت خانو.

صَنم ڪدہ: ذ. بت خانو.

صَنوبَرُ: ذ (ع) هڪ وڻ جو نالو (جنهن کي معشوق جي قد سان تشبيهہ ڏيندا آهن).

صَوابُ، ذ (ع) درستي. صحيح ڳالهہ. صحيح عمل. نيک ڪم. سچائي.

صَوابديد، ث. نيک صلاح. راءِ- تجويز.

صُوبو، ذ (ع) ملک جو ڀاڱو- پرڳڻو. علائقو. صوبي جو حاڪم.

صُوبيدارُ، ص (ع) پوليس جو هڪ عهديدار.

صوبيداري، ث. صوبيداري جي ملازمت.

صَوت، ذ (ع) آواز. صدا.

صُور، ث (ع) سِڱ (جيڪو فقير وڄائين)- ڦُرن- دُنبُ.

صُور اسرافيل، ث. اُهو سِڱ يا دُنبُ جيڪو اسرافيل وڄائيندو تہ قيامت ٿيندي (يعني زمين ۽ آسمان ڦري کيهہ جي ذرن وانگر اُڏامي ويندا).

صُورَت، ث (ع) شڪل- مُنهن- چهرو- روپ. تصوير- مورت. حالت. ڍنگ. تجويز- تدبير. خاڪو- نقشو.

صورت تَڪڻ، مُنهن ڏسڻ. حيرت سان ڏسڻ. غور سان ڏسڻ.

صورَتحال، ث. حالت- نمونو. ڪيفيت.

صُورَتخطي، ث. لکڻ جو نمونو. تحرير. املا.

صُورَتي، ث. هڪ قسم جي ٻاراڻي راند (ڀَڪن يا ڪُڏن واري راند، جنهن ۾ قسمت آزمائي ڪجي).

صُوَري، ص (ع) ظاهري. ڏسڻ ۾ ايندڙ.

صُوفُ، ذ (ع) اُنَ- پشم. هڪ قسم جو ريشمي ڪپڙو. هڪ قسم جو ميوو.

صُوفي، ص (ع) اوني ڪپڙو ڍڪيندڙ. صوفي طريقي جو بزرگ. نشيدار شين سان واهپو نہ رکندڙ.

صوفي ٻيرُ، ذ. سنڌي ٻيرن جو هڪ قسم.

صَومُ، ذ (ع) روزو.

صَوم صَلواة، ذ. روزو نماز.

صَهبا، ذ (ع) ڳاڙهو شراب.

صَياد، ذ (ع) شڪاري. ماري. (ڪنايتا) معشوق.

صِيام، ذ (ع) "صوم" جو جمع. روزا (جيئن ماهِ صِيام= روزن وارو مهينو).

صَيد، ذ (ع) شڪار.

صِيغو، ذ (ع) قالب (جنهن ۾ سون چاندي ڍلجي)- سانچو. گرامر موجب فعل جو گردان.

صَيقل، ث (ع) اوجر. صفائي. چمڪو.

صَيقل گر، ص. اُجاريندڙ. لوهہ وغيره تان ڪَٽُ لاهيندڙ- تيوَرو.

ض

ض، ذ (ع) اُچار "ضاد". سنڌي الف- بي جو ايڪٽيهون اکر. عربي جو پندرهون ۽ فارسي جو ارڙهون اکر.

ضابِط، ص (ع) برداشت ڪندڙ- بردبار. پابند. قابض.

ضابطگي، ث. باقاعدگي. قانون جي پوئواري.

ضابطو، ذ (ع) قاعدو- قانون. دستور- رواج. قبضو. پابندي- دٻاءُ.

ضابطو رکڻ، انتظام رکڻ. پابندي وجهڻ.

ضاعفان، ث (ع. ضعيف) عورت- زال.

ضامِنُ، ذ (ع) ذميدار- ڪفيل. ذمو کڻندڙ. عيوضي. ڇت جي ڪم جي هيٺان ٽيڪ طور ڏنل ڪاٺي.

ضامِن پوڻ، ٻئي جي طرفان ذمو کڻڻ.

ضامِنگِيرُ، ص. جوابداري کڻندڙ. ٻئي جي طرفان

شرطيہ ذميداري. قبول ڪندڙ.

ضائع، ضايع: ص (ع) زيان- تباهہ- رائگان.

ضايع ڪرڻ: بي فائدو وڃائڻ- برباد ڪرڻ.

ضَبطُ: ذ (ع) برداشت- سهپ. تحمل. انتظام.

ضبط ڪرڻ: برداشت ڪرڻ. پاڻ روڪڻ. صبر ڪرڻ. بندش وجهڻ. قبضي ۾ آڻڻ.

ضَبطِي: ث. عدالت جي حڪم سان ڪنهن جي مال ملڪيت تي قبضو.

ضَخامَتَ: ث (ع) ٿولهہ- موٽائي.

ضَخِيمُ: ص (ع) ٿلهو- موٽو. سيرو.

ضِدُ: ذ (ع) اصرار- تڪرار. ڦڏو- مخالفت. هَٺ- شِدت. دشمني- ويرُ. حسد. (ص) مخالف- اُبتڙ- برعڪس.

ضد ٻڌڻ، ضد ڪرڻ: هوڏ ڪرڻ. تڪرار ڪرڻ. تيسو ڪرڻ. مخالفت ڪرڻ. بحث ڪرڻ. ڦڏو ڪرڻ.

ضد تي چڙهڻ: هوڏ تي چڙهڻ.

ضد پورو ڪرڻ: پنهنجي خيال موجب عمل ڪرڻ.

ضد ڏيارڻ: جوش ڏيارڻ. ڪاوڙ ڏيارڻ.

ضد رکڻ: دشمني رکڻ- وير رکڻ.

ضِدي: ص. ضد ڪندڙ. هوڏي- هٺيلو. ٺٺر. بحث. ڪج بحث.

ضِديَّت: ث. دشمني- ويرُ- عداوت. ڦڏو. بحث. تيسو.

ضَربَ: ث (ع) ڌڪ- چوٽ. صدمو. نقصان. رياضي ۾ هڪ انگ کي ٻئي انگ جيترا ڀيرا وڌائڻ.

ضَرب اُپَت: ث. ڪن انگن جي ضرب جو جواب.

ضَربات: ث (ع) "ضرب" جو جمع. چوٽون. صدما.

ضَرب المثل: ث. چوڻي.

ضَربخانو: ذ. سَرڪاري سِڪا ناهڻ وارو ڪارخانو- ٽڪسال.

ضَربَڻُ: م. ڌڪ هڻڻ- چوٽ رسائڻ. نقصان رسائڻ. ايذائڻ. ٻن انگن يا وڌيڪ ڪن انگن جي سگهہ وڌائڻ.

ضَربِي: ث. اهو انگ جنهن کي ضرب ڪجي.

ضَرَرُ: ذ (ع) زيان- نقصان. ٽوٽو- ڇيهو. صدمو.

ضرر رَسان: ص. نقصان پهچائيندڙ. نقصانڪار.

ضَرورُ: ذ (ع) گهُرج- طلب. (ص) واجب- فرض- لازم. (ظ) بيشڪ- يقينا.

ضَرورَت: ث. گهرج- احتياج. حاجت. طلب.

ضَرورتمَند: ص. گهرجائو- حاجتمند- طالبو.

ضَروري: ص. گهرج مطابق. لازمي. گهربل.

ضَروريات: ث (ع) "ضرورت" جو جمع. گهربل شيون.

ضَرِيحَ: ث (ع) گنبذ وارو تعذيو. مزار- مقبرو.

ضُعفُ: ذ (ع) ڪمزوري- هيڻائي- ايرائي. ناتواني.

ضَعيف: ص (ع) ڪمزور- هيڻو- ايرو. پوڙهو.

ضَعيفُ الاعتقاد: ص. گهٽ ويساهہ وارو. عقيدي جو ڪمزور.

ضَعيف حال: ص. غريب- مسڪين.

ضَعيفه: ث. ڪمزور (عورت). پوڙهي.

ضَعيفي: ث. هيڻائي- ڪمزوري. پيري.

ضَلالَت: ث (ع) گمراهي. تباهي. گناهہ- بَدي.

ضِلعو: ذ (ع. ضلع) ملڪ جو ڀاڱو. صوبي جو ڀاڱو. ڊپٽي ڪمشنر جي ماتحت علائقو.

ضَمُ: ذ (ع) مِلائڻ- گڏائڻ. شموليت.

ضَم ٿيڻ: ملي وڃڻ- گڏجي وڃڻ.

ضَمادُ: ذ (ع) ليپُ. لپري.

ضَمانُ: ذ (ع) ضامن. ضَمانت. ٻئي جي پاران جوابداري ڪندڙ.

ضَمانَتَ: ث (ع) ذميداري- ٻئي جي لاءِ شاهدي ۽ ذميداري جي قبوليت.

ضَمانت ڏيڻ: ذميداري جي قبوليت ڏيڻ. جوابداري پاڻ تي هموار ڪرڻ. ضامن بنجڻ.

ضَمانت نامو: ذ. ضامن پوڻ جي لکيت- ڪفالت نامو.
ضَمانتي: ص. ضامن پيل- ضامن.
ضِمن: ذ (ع) اندر. باب. بيان. فقرو. مضمون.
ضَميرُ: ذ (ع) دل- قلب. اندر- منجهه. خراب ڪمن کان روڪيندڙ احساس. گرامر موجب اسم جي بدران ڪم ايندڙ لفظ (ضمير جا قسم: ضمير حاضر، ضمير غائب، ضمير متڪلم، ضمير خالص، ضمير اشارو ويجهو، ضمير اشارو ڏور، ضمير مبهم، ضمير مشترڪ، ضيمر استفهام، ضمير موصول، ضمير جواب وصول، ضمير متصل، ضمير مفصل).
ضِميمو: ذ (ع) ڪتاب جي آخر ۾ متن کان سواءِ بيو وڌايل مضمون- تڪملو.
ضَو: ث (ع) روشني. نُور.
ضَوفشان: ص. روشني ڏيندڙ. مُنور.
ضَوابِط: ذ (ع) "ضابطي" جو جمع. ضابطا- قاعدا قانون.
ضِيا: ث (ع) سج جي روشني. جواهرات جو جَرڪو. رونق.
ضياپاش: ص. روشني ڦهلائيندڙ.
ضِيافَت: ث (ع) دعوت- مهماني.
ضِيقُ: ث (ع) تنگي- ڏکيائي. ساه جي سوڙهه (جيڪا دم جي مرض ۾ ٿئي).
ضيق النَفس: ذ. اُپ ساهي جو مرض- دمڪشي.

ط

ط: ث (ع) اُچار "طوئي". سنڌي الف- بي جو ٻتيهون اکر، عربي جو سورهون ۽ فارسي جو اوڻيهون اکر. ابجد موجب عدد (٩).
طابِعُ: ص (ع) ڇاپيندڙ.
طارِي: ص (ع) ڇانئجي ويندڙ. غالب پوندڙ.
طاسُ: ذ (ع) وڏو ٿالهه- طشت.
طاعَت: ث (ع) اطاعت. تابعداري.
طاعُون: ذ (ع) وڏي وچڙندڙ ماريندڙ بيماري- (انگ). ڪالرا
طاقُ: ذ (ع) ڀت ۾ سامان رکڻ لاءِ تختو. در يا دريءَ جو هڪ پاسي وارو تختو. اِڪي انگ. (ص) اڪيلو- يگانو. ماهر.
طاقَ ڪڍڻ: تختو ڪڍڻ. وقت تي ڏوکو ڏيئي ڏک ڪڍڻ. نقصان رسائڻ.
طاق لڳڻ: حيران ٿيڻ. حيراني ۾ ماٺ ٿي وڃڻ.
طاقِ نِسيان: ث (ع) ويسر.
طاق جُفت: ذ (ع) اِڪي ٻڌي.
طاقَت: ث (ع) قُوت- زور- سگهه- ٻَل. حوصلو.
طاقت آزمائي: ث. زور آزمائي. مقابلو.
طاقتورُ: ص. سگهارو- پهلوان.
طاقِي: ث. ننڍڙو طاق. در يا دريءَ جو هڪ پاسو.
طاقيو: ذ. ڪپڙي جو ٿانُ.
طالِبُ: ص (ع) طلب ڪندڙ- گهُرندڙ. چاهيندڙ- مشتاق. ڳولائو. تصوف جي اصطلاح ۾ حق جو ڳولائو.
طالب ديدار: ص. عاشق.
طالِبِ عِلم: ص. شاگرد- مُتعلم.

طالب عِلمي؛ ث. شاگردي. سکيا وٺڻ وارو عرصو.
طالب مطلوب؛ ذ. عاشق معشوق.
طالِبُو؛ ص. طلب ڪندڙ. گهورو- چاهيندڙ. ڳولائو.
طالِح؛ ص (ع) خراب- بد. نياڳو.
طالِعُ؛ ص (ع) طلوع ٿيندڙ- اُڀرندڙ. (ذ) نصيب- ڀاڳ- بخت. زائچو.
طالع ٽٽو؛ ص. بدبخت- نياڳو. بدنصيب.
طاماعُو؛ ص (ع) طمع رکندڙ- لالچي. چاهيندڙ.
طامِعُ؛ ص (ع) لالچي- حريص.
طاهِري؛ ث. ڳُڙ پيل مِٺو ڀَت.
طائِرُ؛ ص (ع) اُڏامندڙ. (ذ) پکي- پرندو.
طائفو؛ ذ (ع) گروه- جماعت. ڳائڻ وڄائڻ وارن جو ٽولو.
طائفو وجهڻ؛ نچڻ ۽ ڳائڻ. هُل بکيڙو ڪرڻ.
طاؤس؛ ذ (ع) مورُ (پکي).
طِبُّ؛ ث (ع) يوناني طريقي جو علاج- حڪمت. دوا دارون يا علاج جو هڪ طريقو.
طَبابَت؛ ث (ع) حڪمت- علاج. دوا دارون.
طَباغَ؛ ث (ع) هڪ قسم جي نڪر جي ننڍي ٿالهي- تباڪ.
طَباعَتَ؛ ث (ع) ڇَپائي جو هُنر. ڇپائي.
طَباقُ؛ ذ (ع) وڏي ٿالهي. پاٽَ.
طَبعَ؛ ث (ع) خصلت- مزاج- سُڀاءُ. سرشت. ڇَپائي- طباعت.
طَبع ڪرڻ؛ ڇاپڻ- شايع ڪرڻ.
طَبع آزمائي؛ ث. ذهانت جو امتحان. آزمائش.
طَبع رَسا؛ ص. تيز ذهن.
طَبع زاد؛ ص. پنهنجي ذهن يا عقل مان نڪتل.
طَبعِي؛ ص. ذاتي. اصلي. قدرتي- فِطري.
طَبعِي حالَت؛ ث. قدرتي حالت. ڪنهن زمين يا ملڪ جي جاگرافيائي حالت.
طَبَقُ؛ ذ (ع) ٿالهي. تهه- پُڙ. پَٽو (زمين جو). سطح.
طَبقات؛ ذ (ع) "طبق" جو جمع.
طَبقات الارض؛ ذ. زمين جا پُڙ. زمين جون هڪ ٻئي مٿان سطحون.
طَبَقو؛ ذ (ع) درجو- ڏاڪو. جاءِ جي هڪ منزل. گروه يا فرقو (معاشري جو).
طَبلُ؛ ذ (ع) وڏو ڍُهل. نغارو. اميرانو دٻدٻو.
طَبل بازُ؛ ص. ڍهل وڄائيندڙ. ڍوڪڙي.
طَبل ڏيکارڻ؛ رعب ويهارڻ.
طَبل ڪرڻ؛ ڌڙڪو ڌمان ڪرڻ. فخر ڪرڻ. وڏائي ڪرڻ. دٻدٻو ڏيکارڻ.
طَبلچي؛ ص. طبلو وڄائيندڙ- ڍوڪڙي.
طَبلو؛ ذ (ع) هڪ قسم جو وڄت جو ساز. هڪڙي پاسي وارو ننڍو ڍهل- ڍُڪڙُ.
طَبو؛ ذ. علاج- ٽُڪي ٻُڪي. حيلو.
طَبِيبُ؛ ذ (ع) حڪيم. ويڄ.
طَبِيعَت؛ ث (ع) خَصلت- عادت. مزاج.
طبيعَت بَحال ٿيڻ؛ تندرستي ٿيڻ. آرام اچڻ. مزاج ۾ سرهائي ٿيڻ.
طبيلو؛ ذ (ع. طويلہ) گهوڙن ٻڌڻ جي جاءِ- ڪُڙهه.
طَرار؛ ص (ع) چالاڪ. چتر زبان.
طَرازُ؛ ث (ع) ننڍي ۽ هلڪي ٻيڙي.
طَراوَتَ؛ ث (ع) پوسل- نمي. ٺار- خنڪي. تازگي. فرحت.
طَرَب؛ ث (ع) خوشي. فرحت. ساز جي تار.
طَربناڪ؛ ص. فرحت ڏيندڙ.
طَرَح؛ ث (ع) انداز- نمونو. حالت. مشاعري ۾ شعر

چوڻ لاءِ مقرر مصرع. (ظ) وانگر- مانند.
طرحدار: ص. سُهڻي نموني وارو. وضعدار. سهڻو سينگار ڪيل.
طرّحيي طرّحيي: ظ. قسمين قسمين. گهڻن نمونن سان.
طرزَ: ث (ع) نمونو- ڍنگ- روش. طور طريقو. وضع- بيهڪ.
طرز تحريرَ: ث. لکڻ جو ڍنگ- لکيت جو نمونو.
طرفْ، طرَفْ: ذ (ع) پاسو- ڏِسَ- سمت. رخ. ڪنارو. هڪڙو پاسو. ڌُر.
طرفدار: ص. حمايتي- پاسو ڪئندڙ.
طرفداري: ث. پاسو ڪڻڻ- حمايت.
طرفداري ڪرڻ: حمايت ڪرڻ- پاسو ڪڻڻ. لحاظ ڪرڻ.
طرفہ: ذ (ع) اک چنبڻ.
طرفة العين: ث. اک چنبي.
طرفہ: ص (ع) نئون. انوکو- عجيب. اڻ لڀ. (ذ) حيراني- عجب.
طرفين: ذ (ع) ٻئي طرف. ٻئي ترڦون- ٻئي پاسا.
طرو: ذ (ع. طرہ) لونگي يا پٽڪي جو ڇيڙو. ڦُندڻ (ٽوپي جو). ڪلنگي.
طريق: ذ (ع) رستو- واٽ. طرز- ڍنگ- نمونو. رواج.
طريقِ عَمل: ذ. ڪم ڪرڻ جو ڍنگ.
طريقتَ: ث (ع) تصوف جي اصطلاح موجب اندر جي پاڪائي. سُلوڪ جي راه.
طريقو: ذ (ع) نمونو- ڍنگ- روش. قاعدو- دستور. رواج. ترڪيب- رستو. هلي چلي.
طريلْ: ص. طري وارو- ڪلنگي وارو- ڇڳير.

طشت: ذ (ع) ٿالهه- وڏو طباخ.
طشت از بام: محاورو. مشهوري- پڌرائي. رسوائي- بدنامي.
طشتري: ث. ٿالهي.
طمارُ: ذ (ع) رڌل ڪاڌو- ماني.
طعامو: ذ. ڪاڌو- طعام.
طعن: ذ (ع) ملامت- جُٽ. ميار.
طعن تشنيع: ث. جُٽ ٿٽ- ميار. ڏوراپو.
طعنو: ذ (ع) مهڻو- اوبالو. ميار. ڏوراپو.
طعنا مهڻا: ذ. طعنا ٽُڪا. ميارون ڏوراپا.
طعنو ٽُڪو: ذ. ميار ۽ ڏوراپو.
طعني زَني: ث. مهڻا طعنا- طعني بازي.
طغرو: ذ (ترڪي) پيچيده اکرن ۾ لکيل عبارت.
طُغياني: ث (ع) ٻوڏ- سيلاب. پاڻيءَ جو چاڙهه- اُٿل.
طِفلْ: ذ (ع) ٻار- ٻچو. ننڍڙو ٻار- ابهم. ڇوڪرو.
طِفل مڪتب: ذ. شاگرد. متعلم. اڻ آزمودگار. سيکڙاٽ.
طِفل مِزاج: ص. ٻاراڻي طبيعت وارو. ڇوڪراڻي طبيعت.
طِفلي: ث. ننڍپڻ- ٻاراڻي. ناداني.
طُفيل: ذ (ع) وسيلو- ذريعو. (ظ) ذريعي- وسيلي- معرفت.
طفيلي: ص. پيٽ نہ ڇڏيندڙ. لاڳُو. خوشامدي.
طِلا: ذ (ع) سونُ. سونو پاڻي.
طِلاڪاري: ث. چانديءَ تي سونو پاڻي چاڙهڻ جو ڪم- مُلمعي سازي.
طِلائي: ص. سونو. سونهري- زرين.
طلاقَ: ث (ع) نڪاح ڇڏڻ. عورت کي شريعت

موجب نڪاح کان آزادي.

طلاق ڏيڻ: زال کي ڇڏڻ. قطع تعلق ڪرڻ. ڇڏڻ- ڌڪارڻ.

طلاقنامو: ذ. طلاق جي لکيت.

طلاقڻ: ث. طلاق ڏنل عورت.

طَلَبَ: ث (ع) گهُرَ. خواهش- سَڌَ. ڳولا.

طلب ڪرڻ: گهُرڻ. سوال ڪرڻ. سڏائڻ.

طَلَباء: ذ (ع) "طالب" جو جمع. شاگرد- متعلم.

طلبدار: ص. گهُرندڙ. چاهيندڙ- خواهشمند.

طلبداري: ث. گهُر- ڳولا. واسطيداري.

طلبگار: ص (ف) خواهشمند- ڳولائو- گهورو.

طَلَبَڻُ: م. گهُرڻ. سوال ڪرڻ. خواهش ڪرڻ- سَڌ ڪرڻ. ڳولا ڪرڻ.

طَلَبِي: ث. گهُرَ. سَڌ. حاضري.

طِلِسمُ: ذ (ع) جادو- سحر. جادو جو کيل. هٿ نات- کيڏ.

طِلِسماتَ: ذ. "طِلِسم" جو جمع.

طِلِسماتِي. طِلِسمِي: ص. جادو جو.

طُلُوعُ: ذ (ع) اُڀرڻ- نڪرڻ (سج، چنڊ، تارا).

طُمانِيّت: ث (ع) دلجمعي- اطمينان.

طُمطراق: ز (ف) شان شوڪت- ڌوم ڌام. ٺٺ.

طَمَعُ: ث (ع) لالچ- لوڀ. حرص. خواهش.

طمعدار: ص. طمع رکندڙ- لالچي. آسروند.

طمعداري: ث. آسرو- اميد. لالچ.

طَنابَ: ث (ع) طَنبُو جي رسي. زمين ماپڻ جي رسي.

طَناز: ص (ع) ناز نخري سان هلندڙ.

طَنبُو: ذ (ع) خيمو.

طَنبُور. طَنبُورو: ذ (ع) هڪ قسم جو ساز.

طَنبُوري: ث. ننڍڙو طنبورو.

طَنزَ: ث (ع) چٿر- ٺٺول.

طَنطَنہ: ذ (ع) رعب- دبدبو. ٺٺ. تڪبر- گهمنڊ.

طَوافُ: ذ (ع) چوڌاري ڦيرو- گهمرو. ڪعبة الله جي چوڌاري ڦيرو.

طَوالَتَ: ث (ع) ڊيگهه- طُول- لنبائي.

طَوائِف: ث (ع) گروه. قومون. قبيلا. نچڻ ڳائڻ واري عورت.

طَوائِف المُلوڪِي: ث. بادشاه گردي. بدانتظامي.

طُوبا. طُوبيٰ: ذ (ع) بهشت جو هڪ وڻ.

طَورُ: ذ (ع) طريقو- ڍنگ- نمونو. (ظ) وانگر.

طَورُ طريقو: ذ. هلت چلت. لڇڻ- افعال. نمونو- ڍنگ. ريت نيت.

طُورُ: ذ (ع) هڪ مقدس جبل- طُورسينا.

طوطو: ذ (ف) هڪ مشهور پکي- مِٺُو- چٽُون.

طوطا چَشم: ص. بي وفا- بي مروت.

طوطا چشمي: ث. بيوفائي- بي مروتي.

طوعا ڪَرها: ظ (ع) خوشي يا ناخوشي- راضي يا بيراضي. هرويرو- لاچار. خواه مخواه.

طُوفانُ: ذ (ع) سخت هوا. هوا جو ڏاڍو چوهو. شور- گوڙ. فساد- هنگامو.

طُوفان مَچائڻ: شور ڪرڻ- هُل ڪرڻ. فساد مچائڻ. گهوڙا گهوڙا ڪرڻ.

طُوفانِي: ص. طوفان جهڙو تکو ۽ زوردار.

طَوقُ: ذ (ع) ڳچيءَ جو هڪ زيور. ڪَنٺو (پکيءَ جي ڳچيءَ تي). ڳٽ.

طُولُ: ذ (ع) ڊيگهه- لنبائي. وسعت.

طُول ڏيڻ: ڊگهو ڪرڻ. ڊيگهه ڪرڻ. وڌائڻ (قصو. معاملو).

طُول طويل: ص. تمام ڊگهو- تمام لنبو.

طُولانُ: ذ. تيزُ تازي- سامان سڙو.

طُولُ بَلد: ذ (ج) ڊگھائي ڦاڪَ. ڌرتيءَ جي اُتر قطب کان وٺي ڏکڻ قطب تائين خيالي ليڪ.

طُومارُ: ذ (ع) ڪتاب. دفتر. ڊگھو خط. وڏو بيان. قصو. ڪاغذن جو بنڊل. ڍگ- ڍير.

طُومار ٻڌڻ: ننڍي ڳالھ کي وڌائي بيان ڪرڻ. ڊگھو قصو ڇيڙڻ.

طَويل: ص (ع) ڊگھو- دراز- لنبو.

طَويلو: ذ (ع) گھوڙن ٻڌڻ جي جاءِ- ڪُڙھ.

طَھارَتَ: ث (ع) پاڪائي. صفائي. استنجا- مَسحو.

طَھارَتَ ڪرڻ: پاخاني کان پوءِ استنجا ڪرڻ- پاڻي سان ڌوئي بت کي پاڪ صاف ڪرڻ.

طُھَرَ، طُھَرَ: ث (ع) ختنو- سنت.

طهر وهارڻ: ختنو ڪرائڻ- سُنت وهارڻ.

طُهرائڻُ: مر. طهر وهارڻ- ختنو ڪرائڻ.

طُھوري: ث. طاھري. ڳَڙ ۾ رڌل ڀَتُ- مِٺو ڀت.

طَھُورا: ذ (ع) بهشت جو پاڻي.

طَي: ذ (ع) خاتمو- پُڄاڻي. نبيرو. فيصلو. ڪنهن ڪم کي آخرتائين پڄائڻ.

طَي ڪرڻ: ختم ڪرڻ. پورو ڪرڻ. فيصلو ڪرڻ. نبيرڻ.

طَيارو: ذ (ع) هوائي جهاز.

طَيّبُ: ص (ع) پاڪ صاف. سنو- عمدو. جائز.

طَيرُ: ذ (ع) پکي- پرندو.

طَيشُ: ذ (ع) غصو- ڌمر- ڪاوڙ.

طَيش ۾ اچڻ: ڪاوڙ ۾ اچڻ.

طِينَتَ: ث (ع) طبعي خصوصيت- خُوءِ. سُڀاءُ. انساني فطرت- جِبلت.

طُيُور: ذ (ع) "طير" جو جمع. پکي پکن.

ظ

ظ: ذ (ع) اُچار "ظوئي". سنڌي الف- بي جو ٽيٽھون اکر. عربي جو سترھون ۽ فارسي جو ويھون اکر. ابجد موجب عدد (۹۰۰).

ظالِمُ: ص (ع) ظلم ڪندڙ. سنگدل- بيرحم.

ظاهِرُ: ظ (ع) چِٽو- آشڪار- کُليو- پڌرو- نروار.

ظاهر ٿيڻ: پڌرو ٿيڻ- نمودار ٿيڻ. چِٽو ٿيڻ.

ظاهر ڪرڻ: کولڻ- پڌرو ڪرڻ. آگھاڙڻ. وضاحت ڪرڻ.

ظاهرداري: ث. ڏيکاءُ. ٻاھريون نمونو. مٺاچرائي.

ظاهِر ظُهور: ظ. کليو کلايو- پڌري پٽ. علي الاعلان.

ظاهري: ص. ڏيکاءُ وارو. پڌرو. ڏسڻ ۾ ايندڙ.

ظَرافَتَ: ث (ع) مسخري- کِل ڀوڳ. چرچو گھبو.

ظَرفُ: ذ (ع) ٺانءُ. حوصلو- سَھپ. گرامر ۾ اسم جي جاءِ. قدر. ريت وغيره ڏيکاريندڙ لفظ.

ظُروف: ذ (ع) "ظرف" جو جمع. ٺانءَ- برتن.

ظَريفُ: ص (ع) چرچائي. خوش طبع- ڀوڳائي. ڪلمک.

ظَفَرَ: ذ (ع) فتح- سوڀ- ڪاميابي.

ظفرياب: ص. سوڀارو- فتحمند.

ظِل: ذ (ع) پاڇو- سايو.

ظِل الله: ذ. خدا جو سايو. بادشاھ.

ظُلمُ: ذ (ع) بي انصافي- انڌير. ستم. ڏاڍ- جبر- زيادتي. مصيبت- مشڪلات.

ظُلم رَسيده: ص. ظلم هيٺ آيل- مظلوم.

ظُلم ڪرڻ: انڌير ڪرڻ. وَيل ڪرڻ. ستم ڪرڻ.

ظُلمِي: ص. قهري. بيرحم. ظالم.

ظُلمَتَ: ث (ع) اونده- تاريڪي- سياهي.

ظَنُّ: ذ (ع) خيال- گمان. راءِ. شڪ.

ظَنّي: ص. خيالي- گماني. شڪي. بغض رکندڙ.

ظُهرُ: ذ (ع) اڳينءَ جو وقت- ٽيهري. اڳينءَ جي نماز.

ظُهورُ: ذ (ع) پيدائش. وجود. ڏيکاءُ. پڌرائي.

ظُهور ٿيڻ: ظاهر ٿيڻ. پڌرو ٿيڻ. ڏيکائي ڏيڻ. وجود وٺڻ.

ظُهورو: ذ. پڌرائي. ڏيکاءُ. نظارو- جلوو. ديدار.

ع

ع: ث (ع) اُچار 'عين'. سنڌي "الف- بي" جو چوٽيهون اکر. عربي جو ارڙهون ۽ فارسي جو ايڪيهون اکر. ابجد موجب عدد (۷۰).

عابِدُ: ص (ع) عبادت ڪندڙ. پرهيزگار.

عاجُ: ذ (ع) هاٿي جي ڏند وارو مادو.

عاجِزُ: ص (ع) ڪمزور- هيڻو- ضعيف. بيوس- مجبور- لاچار. غريب. ڪڪ- بيزار.

عاجز ڪرڻ: تنگ ڪرڻ- مجبور ڪرڻ- لاچار ڪرڻ. ورچائڻ- ڪڪ ڪرڻ.

عاجِزا: ث (ع. عاجزه) عورت- نياڻي.

عاجِزِي: ث (ع) ڪمزوري. بيوسي. مجبوري. منت- آزي.

عاجزي ڪرڻ: منت ڪرڻ- آزي نيزاري ڪرڻ.

عاجِلُ: ص (ع) جلد باز- تڪڙو. فوري طور ادا ڪرڻ وارو حق مَهر.

عادَاتِ: ث (ع) "عادت" جو جمع. عادتون- خصلتون.

عادَتَ: ث (ع) خصلت- لڇڻ. هيرَ. ريت. عِلتَ.

عادت پوڻ: هير پوڻ- عادي ٿيڻ.

عادَتِي: ص. هيراڪ. هِريل. خاص عادت وارو.

عادِلُ: ص (ع) عدل ڪندڙ- منصف. انصاف ڪندڙ.

عادِي: ص. هيراڪ. علتي- پانڌالي.

عارُ: ذ (ع) شرم. حجاب. عيب جو ٽڪو.

عارِضُ: ذ (ع) ڳل- رخسار.

عارِضو: ذ (ع) بيماري- روڳ. بهانو- سبب.

عارِضِي: ص (ع) اتفاقي- ٿوري وقت لاءِ.

عارِفُ: ص (ع) صحيح طور حق سڃاڻندڙ. خداشناس. حق شناس. درويش. اعليٰ فڪر وارو. معرفت جو صاحب. وڏو صوفي.

عارفانه: ص. معرفت وارو. خدا شناسي وارو.

عاري: ص. عار ڪندڙ- خالي- ٺلهو. بيزار.

عارِيَتا: ظ (ع) عارضي- ٿورن ڏينهن لاءِ. اُڌاري طور.

عازِمُ: ص (ع) ارادو ڪندڙ.

عازِم سَفرُ: ص. سفر جو ارادو ڪندڙ.

عاشِقُ: ص (ع) چاهيندڙ- فريفته. پسند ڪندڙ.

محبت ڪندڙ.
عاشقان؛ ذ. "عاشق" جو جمع.
عاشقانو؛ ص. عاشقن وانگر. عاشق جهڙو.
عاشق صادق؛ ذ. سچو عاشق.
عاشق ٿيڻ؛ چاهيندڙ ٿيڻ. محبت ڪرڻ. فدا ٿيڻ.
عاشق مزاج؛ ص. عاشقاڻي طبيعت وارو.
عاشقي؛ ث. عشق- محبت.
عاشُور، عاشوره؛ ذ (ع) محرم مهيني جي ڏهين تاريخ. حضرت امام حسين جي شهادت جو ڏينهن.
عاشورا؛ ذ (ع) محرم مهيني جا پهريان ڏهه ڏينهن (جن ۾ حضرت امام حسين جي شهادت ۽ عزاداري ٿئي).
عاصِي؛ ص (ع) گنگهار- ڏوهاري.
عاطِفُ؛ ص (ع) جهڪندڙ. مائل.
عاطِفَت؛ ث (ع) شفقت- مهرباني.
عافِيَت؛ ث (ع) سلامتي- بچاءُ. آرام- آسائش. خيريت. تندرستي.
عَاقُ؛ ص (ع) نافرمان- بي چيو.
عاق ڪرڻ؛ جدا ڪرڻ- الڳ ڪرڻ. لادعوي ڪرڻ (ملڪيت ۽ معاملات مان).
عاقِبَت؛ ث (ع) پڇاڙي- خاتمو. آخرت. قيامت.
عاقبت انديش؛ ص. دورانديش. اڳ پوءِ سنڀاليندڙ.
عاقبت خراب ڪرڻ؛ پڇاڙي خراب ڪرڻ. آخرت خراب ڪرڻ.
عاقِلُ؛ ص (ع) عقلمند- ڏاهو- سمجهو- سياڻو.
عاقُوبَتِ؛ ث (ع. عاقبت) جُٺ- تعدي.
عالَمْ؛ ذ (ع) جهان- دنيا- زمانو- سنسار. مخلوق- آدم ذات. وقت- دور- سَمو. حالت- صورت.
عالَمْ آشڪار؛ ظ. دنيا ۾ پڌرو- مشهور.

عالَمِ ارواح؛ ذ. ارواحن جو جهان- ٻيو جهان.
عالَمِ اسباب؛ ذ. دنيا- جهان- سنسار.
عالَمِ بَالا؛ ذ. فرشتن جي رهڻ وارو مٿاهون ماڳ (آسمان).
عالَمِ غيبَ؛ ذ. لڪل جهان.
عالَمِ وُجود؛ ذ. هستي- زندگي. موجودگي جي حالت.
عالَمِ سِفلي؛ ذ. زمين. زميني زندگي.
عالَمَ پَناه؛ ص (ف) دنيا کي حفاظت ۾ رکندڙ. بادشاه. (ث) ٻاهرين ديوار. حويلي، ڳوٺ يا شهر جي بچاءَ لاءِ ٻاهران چوڌاري شاهي پٽ يا ڪوٽ.
عالِمْ؛ ص (ع) ڄاڻندڙ- ڄاڻو. پڙهيل. گهڻو پڙهيل.
عالِمُ الغيب؛ ذ. غيب جون ڳالهيون ڄاڻندڙ. خداتعاليٰ.
عالِي؛ (ع) بلند- اعليٰ- اُوچو.
عاليجاه؛ ص. بلند مانُ مرتبي وارو.
عاليجناب؛ ص. وڏي مان وارو.
عالي مرتبت، عالي مقام؛ ص. بلند مرتبي وارو.
عالي تَبار؛ ص. وڏگهراڻو. شريف ڪٽنب وارو.
عالي دِماغ؛ ص. وڏي مغز وارو- عقلمند- هوشيار.
عاليشانُ؛ ص. وڏي عزت وارو. وڏي رتبي وارو.
عالي ظَرف؛ ص. وڏي حوصلي وارو. بردبار.
عامْ؛ ص (ع) سڀئي- ڪُل. مشهور. رواجي- چالو. هلندڙ- مروج. هرهنڌ موجود.
عام جام؛ ص. هرهنڌ پکڙيل. هر هنڌ موجود.
عام خاص؛ ص. سڀ ماڻهو.
عام فَهمْ؛ ص. جيڪو سڀئي سمجهي سگهن.

آسانيءَ سان سمجهه ۾ ايندڙ. آسان- سولو.

عام ڪرڻ: مشهور ڪرڻ. سڀني جي استعمال لاءِ مهيا ڪرڻ.

عام ماڻهو: ذ. عوام الناس.

عام مختيار: ص. مالڪ جي طرفان اختياري اجازت نامو مليل.

عام معافي: ث. سڀني لاءِ معافي جو اعلان.

عامِل: ص (ع) ڪم ڪندڙ. عمل ڪندڙ. عملدار. تعويذات وغيره جو ڪم ڪندڙ.

عامي: ص. عام. عام جام. رواجي. پيٽ ۾ گهٽ درجي وارو.

عاميانه: ص. عام ماڻهو جو- جاهلن جو.

عائد: ص (ع) موٽي ايندڙ. ايندڙ. ٿيندڙ (واقعو يا عمل). روڪ- بندش.

عائد ڪرڻ: ذمي ڪرڻ. مٿان مڙهڻ (ذميداري).

عائِشهَ: ث (ع) حضور پاڪ جن جي بيبي سڳوري جو نالو.

عَبا: ث (ع) پيرن تائين پائڻ جو هڪ قسم جو ڍگهو ڪوٽ.

عِبادَت: ث (ع) اطاعت (خدا جي). بندگي. نماز.

عِبادَتخانو. عِبادَتگاه: ذ. عبادت جي جاءِ (مسجد وغيره).

عِبارَتَ: ث (ع) تحرير- لکيت. مضمون. لکڻي.

عِبارَت آرائي: ث. مضمون جي رنگيني.

عباسي: ذ (ع) بغداد جي خليفن جو گهرانو. هڪ ذات جو نالو. ڪلهوڙا. گل جو هڪ قسم.

عَبَث: ص (ع) اجايو- بيفائدو- فضول.

عَبدُ: ذ (ع) بندو- ٻانهون. غلام- نوڪر.

عَبداللطيف: ذ (ع) سنڌ جي وڏي قومي شاعر جو نالو "شاه عبداللطيف ڀٽائي رحہ".

عِبرَت: ث (ع) حيرت- عجب. اچرج. نصيحت- سبق.

عبرت انگيز: ص. حيرت جهڙو. ڊپ وارو.

عبرت وٺڻ: نصيحت پرائڻ- سبق حاصل ڪرڻ.

عبرتناڪ: ص. حيرت جهڙو- سبق آميز.

عَبقَريت: ث (ع) سُٺائي- عمدگي. انوکائي. نَوانَ.

عُبُوديَت: ث (ع) اطاعت. بندگي. ٻانهپ.

عُبُور: ذ (ع) درياءَ يا رستو پار اُڪرڻ. اورانگهڻ. طي ڪرڻ. لنگهہُ. مَهارَت. دسترس.

عُبور ڪرڻ: هڪ پاسي کان ٻئي پاسي ڏانهن وڃڻ. پار ڪرڻ.

عَبِيرُ: ذ (ع) هڪ قسم جو خوشبودار وکر- عنبير.

عِتابُ: ذ (ع) ڏمر- ڪاوڙ- غصو- ناراضگي.

عَتِيقُ: ص (ع) پراڻو- جهونو. آزاد. بزرگ.

عُثمانُ: ذ (ع) نبي سڳوري جي هڪ خليفي ۽ اصحابي جو نالو.

عَجائِبَ: ذ (ع) "عجيب" جو جمع. حيرت جهڙيون شيون. عجيب- حيرت انگيز.

عجائبات: ذ. "عَجائب" جو جمع. دنيا جون عجيب غريب شيون.

عَجائب خانو. عَجائب گهَرُ: ذ. عجيب غريب شين رکڻ جي جاءِ (جن کي ماڻهو ڏسڻ اچن)- ميوزيم.

عَجَبُ: ذ (ع) حيرت- اچرج- تپرس- حيراني. (ص) عجيب- انوکو. نرالو.

عجب جهڙو: ص. حيرت انگيز- نادرُ.

عِجزُ: ذ (ع) عاجزي- بيوسي- لاچاري. نوڙت. منت- آزي.

عجز و انِڪساري: ث. مِڙ منت. آزي نيازي.

عُجلت: ث (ع) جلدائي- تکڙ- سيگهه.
عَجَمُ: ذ (ع) عربستان کان سواءِ ٻيو ڪوبه ملڪ. غير عربي ماڻهو- تاريو.
عَجَمي: ص. عجم جو رهاڪو.
عَجُوبو: ذ (ع) عجيب شيءِ- انوکي چيز.
عَجُوبہ روزگار: ذ. دنيا جي عجيب ۽ انوکي چيز (جنهن جهڙي دنيا ۾ ٻي نہ ملي سگهي).
عَجِيبُ: ص (ع) حيرت جهڙو- انوکو- نادر. بي مثال- لاثاني. نيارو. (محاوري ۾) پرين- دوست- محبوب.
عجيب وغريب: ص. انوکو ۽ نيارو.
عَدالتَ: ث (ع) انصاف- نياءُ- نبيرو- فيصلو. انصاف جي جاءِ- ڪچهري- ڪورٽ.
عدالت عاليہ: ث. هاءِ ڪورٽ- چيف ڪورٽ.
عدالت ڪرڻ: انصاف ڪرڻ- نياءُ ڪرڻ. داد ڪرڻ.
عَداوَتَ: ث (ع) دشمني- ويرُ- خصومت. دشمنو- ڪلفت.
عداوَتي: ص. دشمن- مخالف- ويري.
عِدَتَ: ث (ع) اهو عرصو جنهن ۾ عورت ڪي ٻيو نڪاح ڪري ناهي (چار مهينا ڏهہ ڏينهن).
عَدَد: ذ (ع) انگ. تعداد- شمار. ڳڻپ.
عَدد جمع: ذ. گرامر ۾ گهڻين شين ڏيکارڻ جو لفظ.
عدد شماري: ث. انگن جي ڳڻپ. ڳاڻيٽو. نمبر شماري.
عدد قطاري: ذ. هڪ ٻئي پويان ترتيب وار انگ.
عدد واحد: ذ. هڪ انگ. گرامر ۾ هڪ جو انگ ڏيکارڻ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ.
عَدُلُ: ذ (ع) انصاف- نياءُ- فيصلو. داد. برابري- مساوات.
عَدل ڪرڻ: انصاف ڪرڻ- نياءُ ڪرڻ.
عَدل گُستري: ث. انصاف- نياءُ.
عَدَمُ: ذ (ع) غيرموجودگي- غيرحاضري. نہ هئڻ- نيستي.
عَدم آباد: ذ. ٻيو جهان.
عدم پيدا: ظ. غير حاضر. ناپيد. گم. الٽپ. روپوش.
عَدم موجودگي: ث. غيرحاضري.
عَدم واقفيت: ث. لاعلمي- اڻ ڄاڻائي.
عَدَنُ: ذ (ع) بهشت- فردوس. بهشتي باغ. ڏکڻ عربستان جي هڪ شهر ۽ بندر جو نالو.
عَدُو: ص (ع) دشمن- مخالف- ويري. رقيب.
عَدُولڻُ: م. پري ڪرڻ. نہ قبولڻ. لوڌڻ- ڌڪارڻ. نہ مڃڻ. موٽائڻ- واپس ڪرڻ.
عَدُولي: ث (ع) انڪار. موٽ- واپسي.
عَدِيل: ص (ع) جهڙو- مثل.
عَدِيمُ الفُرصت: ص (ع) جنهن کي واندڪائي نہ هجي. مصروف.
عَدِيم المِثال: ص (ع) بي مثال- لاثاني.
عَذابُ: ذ (ع) امنج- تڪليف- آزار- مصيبت. درد- سُور. ڏهر.
عَذاب اِلهي: ذ. خدا جي طرفان نازل ٿيل مصيبت.
عذاب سَهڻ: سورَ سهڻ. مصيبتون ڪاٽڻ. تڪليفون ڀوڳڻ.
عذاب نازل ٿيڻ: خدا جو ڏهر مٿان پوڻ.
عِذار: ذ (ع) ڳل- رخسار.
عُذُر: ذ (ع) بهانو- سبب. اعتراض. معافي.
عُذرخواهي: ث. ڀوتيءَ لاءِ افسوس جو اظهار-

اعزاپُرسي- پرچائي.

عُذرداري؛ ث. اعتراض. جوابي دعوي. حجت.

عَذرا؛ ث (ع) ڪنواري. عورتن جو نالو. بيبي مريم جو لقب.

عِراقْ؛ ذ (ع) وچ ايشيا جو هڪ ملڪ.

عِراقِي؛ ذ (ع) عراق جو گهوڙو. تازي گهوڙو.

عَرَبْ؛ ذ (ع) وچ مشرق جو هڪ ملڪ (جيڪو ڪعبة الله ۽ نبي سڳوري جي روضي سببان مسلمان لاءِ متبرڪ). عربستان. (ص) عربستان جو رهاڪو. عربن جو نسلي نالو.

عَرَبي؛ ص. عربستان جو رهاڪو. (ث) عربستان جي ٻولي.

عُرسْ؛ ذ (ع) وفات جي تاريخ تي ساليانو فاتحہ ۽ مجلس- ٻارهو.

عَرِشْ؛ ذ (ع) ڇت. تخت. آسمان. ناٺون آسمان.

عَرش آشيان؛ ص. مرحوم.

عرش تي چاڙهڻ؛ تمام گهڻي تعريف ڪرڻ- پڏائڻ. خوشامد ڪرڻ.

عرش مُعلي؛ ذ. آسمان. ناٺون آسمان (جنهن تي خدا تعاليٰ جو تخت ڇيو وڃي ٿو).

عَرصو؛ ذ (ع) ميدان. مفاصلو. ويڇو- وٿي. وقت. دير.

عَرضْ؛ ذ (ع) درخواست- گذارش. منت. ويڪر- ٻرَ.

عرض ڪرڻ؛ منت ڪرڻ. گذارش ڪرڻ. سوال ڪرڻ.

عَرضُ البلَد؛ ذ. ويڪرائي ڦاڪ (ترتيءَ جي).

عرضدارُ؛ ص. عرض ڪندڙ. منٿائو. سوالي.

عَرضداشت؛ ث. گذارش. درخواست. لکيت ۾ درخواست.

عرض مَعروُض؛ ذ. منت ميڙ.

عَرضي؛ ث. درخواست. (ص) منٿائو- سُوالي.

عَرضِي، عَرِيضي؛ ث. لکيت ۾ درخواست.

عُرفْ؛ ذ (ع) ذاتي نالي سان گڏ سڃاڻپ لاءِ ٻيو مشهور نالو. عام نالو.

عَرفاتَ؛ ث (ع) مڪي شريف کان ۹ ميل پري هڪ ميدان ۽ جبل (جتي حج جي موقعي تي حاجي گڏ ٿي دعائون پڙهن ۽ اڳين ۽ وچينءَ جون نمازون گڏي پڙهن).

عِرفانُ؛ ذ (ع) خداشناسي. حق تعاليٰ جي سڃاڻپ.

عَرقْ؛ ذ (ع) پگهر- پسينو. ڦل وغيره جو نپوڙيل رس. جڙين ٻوٽين جو چڪايل پاڻي.

عَرقْ آلود؛ ص. پگهر ۾ شل.

عرق ريزِي؛ ث. سخت محنت. جانفِشاني. پگهر جو پورهيو.

عِرقُ النِساء؛ ث. ٽنگ جي پوٺين نس ۾ سُور پوڻ جي بيماري.

عُروجْ؛ ذ (ع) چاڙهہ. بلندي. ترقي. اوج.

عروج تي پهچڻ؛ ترقي ڪرڻ. مٿانهين درجي تي پهچڻ.

عَرُوس؛ ث (ع) ڪُنوار- وَني.

عَرُوض؛ ذ (ع) شعر جي بحر وزن معلوم ڪرڻ جو علم.

عُريان؛ ص (ع) اگهاڙو- ننگو. بي پردي- اڻ ڍڪيل.

عُرياني؛ ث. اوگهڙ- برهنگي.

عَرِيض؛ ص (ع) ويڪرو. پکڙيل. ويڪر ۾ وڏو.

عَرِيضو؛ ذ (ع) پاڻ کان وڏي ڏانهن لکيل خط.

عَرِيضي؛ ث. درخواست.

عريضي نويس، درخواست لکندڙ.
عِزّ، ص (ع) وڏو. غالب. ڏاڍو. عزت ڪيل.
عِز وجَلّ، ص. جنهن جي عزت ۽ تعريف هجي. خدا تعاليٰ.
عِز، ث (ع) عزت- مانُ- شان. رتبو.
عِز و جاه، عِز و شان، ذ. مان مرتبو- شان شوڪت.
عَزا، ث (ع) ماتم. پرچاڻي.
عزادار، ص. ماتم ڪندڙ- ماتمي.
عَزاداري، ث. ماتم.
عَزاَرَت، ث (ع) ماتمي- رشتيداري. سڳيڻائي.
عَزازِيلُ، ذ (ع) هڪ فرشتي جو نالو (جيڪو تڙيو ويو).
عَزائِمَ، ذ (ع) "عزم" جو جمع. ارادا.
عِزّتَ، ث (ع) آبرو- وقار- شان. شرف. ادب- تعظيم. آذرباءُ. ناموس. ساک- پَتِ. رتبو.
عزت افزائي، ث. ڪنهن معزز ماڻهو جي اچڻ تي ٿيل عزت.
عزت رکڻ، آبرو رکڻ. مانُ ڏيڻ. لحاظ ڪرڻ. نالي کي برقرار رکڻ.
عزت وڃڻ، بيعزتي ڪرڻ. آبرو وڃڻ. لڄ لٿڻ (عورت جي).
عِزرائِيلُ، ذ (ع) موت جو فرشتو- ملڪ الموت.
عُزلَت، ث (ع) تنهائي- گوشه نشيني.
عَزمُ، ذ (ع) ارادو- قصد. نِيَت- منشا.
عزم بالجَزم، ذ. پڪو ارادو.
عزم ڪرڻ، پختو ارادو ڪرڻ.
عَزِيزُ، ص (ع) پيارو- محبوب. ماڻٽ- رشتيدار. وڻندڙ. (ذ) خدا تعاليٰ جو هڪ نالو.
عَزِيمَت، ث (ع) ارادو- قصد- عزم.
عَساڪِر، ذ (ع) "عسڪر" جو جمع. لشڪر- فوجون- سپاهه.
عُسرَت، ث (ع) تنگي- ڏکيائي. غربت.
عَسڪَر، ذ (ع) لشڪر- فوج- سپاهه.
عسڪري، ص. سپاهي- فوجي.
عِشا، ث (ع) سومهڻي جي نماز.
عُشاق، ذ (ع) "عاشق" جو جمع.
عَشر، ص (ع) ڏهه (١٠)
عُشرُ، ذ (ع) ڏهون حصو.
عُشر عَشِير، ص. ڏهين حصي جو به ٿورو ياڳو. تمام ٿورو.
عِشرَتَ، ث (ع) عشق. مزو. خوشي.
عشرت ڪده، عشرت گاهه، ذ. عيش جي جاءِ.
عَشرَه، ذ (ع) ڏهو. محرم جي ڏهين تاريخ- عاشورا.
عِشقُ، ذ (ع) بيحد سڪ. پيار واري ڪيفيت. نينهن.
عشقبازي، ث. محبت ۽ پيار واري رسم.
عِشق پيچ، عشق- پيچان، ذ. هڪ قسم جي ول (رنگين گلن واري).
عِشوَه، ذ (ع) ناز- مالو- نخرو.
عشوَه ساز، عِشوَه گر، ص. ناز نخرا ڪندڙ- معشوق.
عَصا، ث (ع) لٺ.
عَصبِيَت، ث (ع) پنهنجائي- رشتيداري. پاسخاطري. رياڪاري.
عَصرُ، ذ (ع) زمانو- وقت- دور. اڳيءَ جو وقت.
عِصمَت، ث (ع) پاڪائي- پاڪدامني- عفت- سَتُر.
عِصمَت دري، ث. زوري زنا.

عِصيانُ: ذ (ع) گناه- پاپ- خطا.
عُضوو: ذ (ع) بدن جو ڪوبہ حصو- انگ.
عضوو مخصوص: ذ. مرد يا عورت جو تناسل وارو عضوو.
عَطا: ث (ع) بخشش- ڏات. سخاوت. ڏانُ.
عَطا ڪرڻ: بخشش ڪرڻ- ڏان ڏيڻ.
عَطارُ: ذ (ع) عطر وڪڻندڙ ۽ ناهيندڙ- سُرهيو.
عَطارَدُ: ذ (ع) نظام شمسي جو هڪ گرھ.
عَطائي: ص (ع) بخشش مليل. منگتو. راڳائي.
عَطرُ: ذ (ع) گلن يا ٻين شين جو سُرهو سَتُ يا روغن. خوشبوءِ- سُرهاڻ- سڳنڌ.
عطربيز: ص. خوشبوءِ پکيڙيندڙ.
عطرداني: ث. عطر جي شيشين يا دبلين رکڻ وارو ٿانءُ.
عَطيہ. عَطيو: ذ (ع) تحفي ۽ ڏنل چيز. تحفو- سوغات- سوکڙي.
عُظام: ص (ع) وڏو. عظمت وارو.
عَظمت: ث (ع) وڏائي. بزرگي. برتري- بلندي. شان- شوڪت.
عُظمي: ص (ع) وڏو. تمام وڏو.
عَظيمُ: ص (ع) وڏو. بزرگ. اُوچو. بلند. مشاهور. (ذ) خداتعاليٰ جو هڪ نالو.
عَظيمُ الشان: ص. وڏي رتبي وارو. وڏي مانُ وارو. وڏو.
عِفّت: ث (ع) پاڪدامني- پارسائي.
عِفريت: ذ (ع) ديو- ڀُوت- آفت.
عَفوُ: ذ (ع) معافي. درگذري. بخشش.
عفو ڪرڻ: بخشش ڪرڻ- معاف ڪرڻ.
عَفونَت: ث (ع) بدبوءِ- ڌَپَ- بانس.

عَفي: ص (ع) معاف ڪيل.
عَفي عَنہُ: (دعائيہ جملو) خدا ڪيس معاف ڪري.
عُقابُ: ذ (ع) هڪ قسم جو وڏو شڪاري پکي.
عُقابيلُ: ذ. عقاب جي کنڀن وارو تير (جنهن جي لام جي پاسن سان عقاب جا کنڀ لڳل هجن).
عَقائد: ذ (ع) "عقيده" جو جمع.
عَقبُ: ذ (ع) پويون حصو- پُٺ. (ظ) پنيان.
عُقبيٰ: ذ (ع) اڳيون جهان- ٻيو جهان.
عَقدُ: ذ (ع) نڪاح- وهانءُ.
عقد ڪرڻ: نڪاح ڪرڻ- شادي ڪرڻ.
عُقده: ذ (ع) ڳنڍِ- گِرهَہ. منجهيل مسئلو. ڏکي ڳالهہ.
عقده ڪُشائي ڪرڻ: مشڪل آسان ڪرڻ. مسئلو حل ڪرڻ.
عَقرَب: ذ (ع) وڇون. هڪ آسماني بُرج جو نالو.
عَقلُ: ذ (ع) سمجهہ- فهم. سُرت. شعور- وقوف. ڏاهپ.
عقل اچڻ: سمجهہ اچڻ. بالغ ٿيڻ.
عقل چرخ ٿيڻ: هوش گم ٿيڻ. حواس خطا ٿيڻ. حيران ٿيڻ.
عَقلمَند: ص. عاقل- ڏاهو- داناءُ.
عَقلمَندي: ث. ڏاهپ- دانائي- سيائپ.
عَقل سَليم: ذ. صحيح سمجهہ.
عَقل ويڙهائڻ: سيائپ واري اٽڪل ڪرڻ.
عَقلي: ص. عقل جو- عقل وارو- سمجهہ ڀريو.
عُقوبَت: ث (ع) سزا- جَٺ- سيکت.
عَقيدَت: ث (ع) اعتقاد. مڃتا. ويساھ.
عَقيدت ڪيش، عقيدتمند: ص. معتقد- مڃيندڙ- پوءِ لڳ.

عَقيدو، ذ (ع) اعتقاد- ايمان. مذهبي أصول جي ميجتا.
عَقيقُ، ذ (ع) هڪ قسم جو پٿر (گهڻو ڪري ڳاڙهو ۽ ٻڙن طور ڪم اچي).
عَقيقو، ذ (ع) هڪ رسم موجب نئين ڄاول ٻار جي مٿي جا وار لهرائڻ ۽ جانور ڪُهي خيرات ڪرڻ.
عَڪاس، ذ (ع) مصور. فوٽوگرافر.
عڪاسي، ث. فوٽوگرافي. تصوير ڪشي. منظرنگاري.
عَڪسُ، ذ (ع) پاڇو. اولڙو. پاڻيءَ ۾ نظر ايندڙ تصوير. فوٽو. ڇاپو.
عَڪَسُ، ذ. ضد- عداوت- وير. مخالفت.
عِلاج، ذ (ع) دوا- سُستي ڦڪي. حيلو- چارو.
علاج ڪرڻ، دوا دارون ڪرڻ. حيلو ڪرڻ. اُپاءُ ڪرڻ.
عِلائقو، ذ (ع) ملڪ. صوبو. ملڪ جو حصو- خطو. تعلق- واسطو.
عَلالتَ، ث (ع) بيماري- اگهائي- ناچاقائي.
عَلامَت، ث (ع) نشان- اهڃاڻ. داغ- چٽ. بيماريءَ جا آثار.
عَلامَ، علامَه، ص (ع) نهايت فاضل- داناءُ. وڏو عالِم.
عَلانيه، ظ (ع) کليو کلايو- پڌري پٽ- ظاهر ظهور.
عِلاوَه، ظ (ع) سواءِ- کان سواءِ- بغير.
علائقو، ذ (ع) علائقو. پرڳڻو- صوبو. خِطو.
عِلتَ، ث (ع) بيماري- مرض- اگهائي. عادت.
عَلّتي، ص. خراب عادت وارو- هيراڪ. عادتي.
عَلِحدَگي، ث. جدائي. خلاصگائي. اڪيلائي- تنهائي.

عَلحدو، ظ (ع) الڳ- جدا- ڌار. اڪيلو. نيارو.
علحدو ڪرڻ، جدا ڪرڻ- الڳ ڪرڻ. ڌار ڪرڻ.
عِلَل، ث (ع) "عِلتَ" جو جمع. عادتون- خصلتون. وصفون. صفات.
عَلمُ، ذ (ع) جهنڊو- نشان. انگاس.
عَلمبَردار، ص. جهنڊو کڻندڙ. اڳواڻ.
عَلمدارُ، ص. جهنڊي وارو- سردار.
عَلم طوقُ، ذ. جهنڊي جي چوٽيءَ ۾ لڳل چنڊ وارو ڪلس.
عَلم کڻڻ، جهنڊو کڻڻ. اڳواڻي ڪرڻ.
عِلمُ، ذ (ع) ڄاڻ- آگاهي. تعليم- وديا. سکيا. جادومنتر وغيره.
عِلم اَدَبُ، ذ. ڪنهن ٻوليءَ جي نثر ۽ نظم جا ڪتاب.
عِلم دوست، ص. علم پرائيندڙ يا عالمن سان صحبت ڪندڙ.
عِلم لُغت، ث. ٻوليءَ جي لفظن جي تحقيق جو علم.
عِلم نُجوم، ذ. تارن ۽ گرهن جي ايرڻ لهڻ ۽ انهن جي گردش جو علم- جوتش وديا.
عِلم هَيئَت، ذ. آسماني ڪائنات جو علم.
عِلمي، ص. علم سان واسطو رکندڙ.
عُلماء، ذ (ع) "عالِمُ" جو جمع. وڏا عالمِ فاضل.
عُلوُم، ذ (ع) "عِلمُ" جو جمع.
عَلي، ص (ع) اعليٰ- بُلند. (ذ) خداتعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
عَليٰ، ظ (ع) تي. ۾. وٽ. کان. سببان.
عليٰ الخصُوص، ظ. خاص طرح- خصوصاً.
عليٰ الاعلان، ظ. کليو کلايو- پڌري پٽ- ظاهر ظهور.

عليٰ الحِساب؛ ظ. بنان حساب جي. ڳاڻيٽي کان
سواءِ- تلهي ليکي. تخميني طور.
عليٰ الصُّبوح؛ ظ. صبح سان- صبح سوير.
عَليٰ هذالقِياس؛ جملو. انهيءَ طرح- ائين.
عَليکَ سَلَيکَ؛ ث. سلام دعا. واقفيت-
جاڻ سڃاڻ.
عَليلُ؛ ص (ع) بيمار- اڳهو- مريض. مرض ۾ هيڻو-
ڪمزور. خفي- ڪڪ. چريو (عشق ۾)- مست.
عَليمُ؛ ص (ع) ڄاڻندڙ. (ذ) خداتعاليٰ جو هڪ
صفاتي نالو.
عَليهَ؛ ظ (ع) ان تي. اُن سان.
عليه الرحمة؛ جملو. ان تي خدا جي رحمت هجي.
عَليه السلام؛ جملو. ان تي سلام هجي.
عَمُ؛ (ع) چاچو.
عَمزاد؛ ص. چاچي جو پٽ- سؤٽ.
عِمارَتَ؛ ث (ع) اڏاوت. جاءِ- گهر. وڏي جاءِ-
بلڊنگ.
عِمارتَ سازِي؛ ث. جاين جي اڏاوت جو هنر-
تعميراتي ڪم.
عِمارَتي؛ ص. تعمير ۾ ڪم ايندڙ.
عَمارِي؛ ث (ع) هنياري- پالڪي.
عَمامو؛ ذ (ع) دستار. پڳ.
عَمداً؛ ظ. ارادي سان- هاسيڪار. ڄاڻي ٻجهي.
عُمَدگِي؛ ث (ف) چڱائي- سٺائي- سهڻائي- خوبي.
عُمَدو؛ ص (ع) اُوچو- اعليٰ. وڻندڙ. نهايت سٺو.
برتر. بهترين.
عُمر، عُمَرِ؛ ث (ع) حياتي- ڄمار- زندگي.
عرصو- وقت.
عُمرَ بَسرِ ڪرڻ؛ حياتيءَ جا ڏينهن گذارڻ.
عُمر ڀر؛ ظ. سڄي عمر لاءِ- پڇاڙي تائين.
عُمر دراز؛ ظ. وڏي ڄمار وارو.
عُمر رَسيدو؛ ص. وڏيءَ عمر وارو- پوڙهو-
پيرسن.
عُمر قيد؛ ذ. ويهه سال قيد جي سزا.
عُمرو؛ ذ (ع) حج جي موقعي کان سواءِ ٻئي ڪنهن به
وقت مقرر رسم طور ڪعبة الله جو طواف ڪرڻ ۽
عبادت ڪرڻ.
عُمَقُ؛ ذ (ع) اُونهائي (پاڻيءَ جي). اوچائي- اوچائي
واري ماپ.
عَمَلُ؛ ذ (ع) ڪَمُ- ڪِرت- فعل. تعميل- بجا
آوري. منتر جادو وغيره.
عَمل ڪرڻ؛ پوئواري ڪرڻ- بجاآوري ڪرڻ.
مشق ڪرڻ.
عَملدارُ؛ ص. ڪارڪن. آفيسر. حاڪم.
عَملداري؛ ث. عمل جي اختيار جو دائرو. آفيسري.
عَمل دَخَلُ؛ ذ. اختيار. قبضو.
عَمل در آمد؛ ذ. تعميل. ڪارروائي.
عَمَلِي؛ ص. عمل ڪيل. جنهن تي عمل ٿي
سگهي. ڪارگر.
عَملو؛ ذ (ع) ڪاتي جا ملازم. اسٽاف- اٺالو.
عُمُود؛ ذ (ع) ٿنڀ- سُتون. سڌائيءَ ۾ اڀي ليڪ.
عُمودي؛ ص. اڀو- سَنئون.
عموماً؛ ظ (ع) عام طرح- گهڻو ڪري- اڪثر.
عَميقُ؛ ص (ع) اونهون- گهرو- اٿاهه.

عُناب؛ ذ (ع) هڪ قسم جو پسارڪو وکر- آهو ٻير.
عُنابِي؛ ص. ڳاڙهو- سرخ.
عِنادُ؛ ذ (ع) دشمني- ويرُ. عداوت- مخالفت.
عَناصِر؛ ذ (ع) "عنصر" جو جمع. ماديات (دنيا ۾ پيدا ٿيل شين جا مادا. مکيہ چار عناصر؛ هوا، باهہ، پاڻي ۽ مٽي).
عِنان؛ ث (ع) واڳ- لغام.
عِنايات؛ ث (ع) "عنايت" جو جمع. مهربانيون- ٿورا.
عِنايَتَ؛ ث (ع) مهرباني- ڪرم. شفقت. نوازش.
عنايت ڪرڻ؛ احساس ڪرڻ. عطا ڪرڻ (تحفو). بخشش ڪرڻ.
عَنبَرُ؛ ذ (ع) هڪ قسم جي خوشبوءِ.
عَنبِيرُ؛ ذ (ع) ابرق جو ٻورو. گُلال. ڳاڙهو رنگ جيڪو خوشيءَ جي موقعي تي زالون هڪ ٻئي کي هڻن.
عِندالطلب؛ ظ (ع) گهُرڻ تي.
عَندَليبُ؛ ث (ع) بلبل (پکي)- پورِي.
عِنديہ؛ ذ (ع) راءِ- مرضي- ارادو.
عَنصَرُ؛ ذ (ع) اصل- بنياد. مفرد شيءِ. اصل مادو.
عُنفُوان شَبابُ؛ ذ (ع) ٺوهہ جواني. جواني واري تازگي. جواني واري طاقت.
عُنقا؛ ذ (ع) هڪ خيالي پکي. (ص) ناياب- اڻلڀ.
عَنقَريبُ؛ ظ (ع) تمام جلد- تمام ويجهو.
عَنڪَبُوت؛ ث (ع) ڪوريئڙو.
عُنوانُ؛ ذ (ع) سِرو- سُرخي- هيڊنگ. موضوع.
عَواقِب؛ ذ (ع) "عاقبت" جو جمع. پڇاڙي- خاتمو.
عَوامُ؛ ذ (ع) "عام" جو جمع. عام ماڻهو- عام خلق. رعيت.
عَوامُ الناس؛ ذ. عام ماڻهو- مخلوق.
عَوامِل؛ ذ (ع) "عامِل" جو جمع. سبب- طريقا.
عُودُ؛ ذ (ع) هڪ قسم جي ڪاٺي (جنهن جي ٻارڻ سان خوشبو اٿي)- اگرُ. هڪ قسم جو ايراني ساز.
عَورَتَ؛ ث (ع) زال- نار. گهرواري- جوءِ.
عِوَضُ؛ ذ (ع) بدلو- عيوضو. بَدو. (ظ) بدران- پاران- بدلي ۾.
عَهدُ؛ ذ (ع) زمانو- وقت- دور. حڪومت جو زمانو. قول- انجام- واعدو- وچن. پڪو ارادو.
عَهد ڪرڻ؛ انجام ڪرڻ- قول ڪرڻ.
عَهد پَيمانُ؛ ذ. قول اقرار- انجام اقرار. ٻول وچن. صلح جا شرط.
عَهد شِڪني؛ ث. واعدي خلافي. بيوفائي. انجام نہ پاڙڻ جي حالت.
عَهدنامو؛ ذ. بادشاهن درميان اقرار جي لکيت. قبوليت. تحريري معاهدو.
عُهدو؛ ذ (ع) رتبو. سرڪاري منصب.
عَهديدارُ؛ ص (ف) رتبي وارو. ڪنهن سرڪاري عهدي تي مقرر اهلڪار. آفيسر.
عِيادَتَ؛ ث (ع) بيمار کان مزاج پُرستي.
عَيارُ؛ ص (ع) چالاڪ- مڪار- ٺڳ- فريبي.
عَياري؛ ث. چالاڪي- ٺڳي- فريب- دغابازي.
عَياش؛ ص (ع) عيش ڪندڙ. شوقين- بدڪار- اوباش. آرام پسند. موج ۽ سک سان حياتي گذاريندڙ.
عَياشِي؛ ث. عيش عشرت. بدڪاري- اوباشي. سک ۽ آرام.

عَيالُ، ذ (ع) ٻارٻچا- ڪٽنب- آڪهه.

عَيالدارُ، ص. ٻچڙيوال- اولادي. وڏي ڪٽنب وارو.

عَيالِي، ص. عيالدار. ٻچڙيوال.

عَيان، ظ (ع) ظاهر- چٽو- پڌرو.

عَيبُ، ذ (ع) وِڏ- نقص. خرابي. قصور- گناه.

عيب ثوابُ، ذ. چڱائي مٺائي- برائي ڀلائي.

عَيب جُوئي، ث. گلاخوري. نڪتہ چيني.

عَيبدارُ، ص. وِڏ وارو- نقص وارو.

عيب ڍَڪڻ، نقص لڪائڻ. پردو رکڻ- ڍڪ ڪرڻ. چشم پوشي ڪرڻ.

عِيدَ، ث (ع) مسلمانن جو خوشيءَ وارو وڏو ڏينهن (شوال جي پهرين تاريخ رمضان جي عيد، ذوالحج جي ڏهين تاريخ جي حج واري عيد). وڏو ڏينهن. خوشيءَ جو ڏينهن. ڏهاڙو. جشن. خوشي.

عِيدالأضحيٰ، ث. ذوالحج جي ڏهين تاريخ واري نماز ۽ خوشيءَ جو ڏينهن. قرباني واري عيد.

عِيدُالفِطر، ث. رمضان جي خاتمي تي شوال جي پهرين تاريخ واري نماز ۽ خوشي جو ڏينهن. روزن واري عيد.

عِيدَ بَراۃَ، ث. شعبان مهيني جي ۱۵- تاريخ واري عيد (عقيدي موجب انهيءَ رات ٻندن لاءِ رزق جي تقسيم ٿئي).

عيد جو چنڊ، محاورو. ملڻ کان مهانگو. دير سان ٿيندڙ ملاقات.

عِيدگاه، ث. عيد نماز پڙهڻ لاءِ وڏو ميدان يا جامع مسجد.

عِيدَ ميلاد، ث. نبي سڳوري جي ولادت جي خوشيءَ وارو ڏينهن.

عِيسيٰ، ذ (ع) هڪ پيغمبر سڳوري جو نالو.

عِيسائِي، ث. حضرت عيسيٰ عليه السلام جو پوئلڳ. مسيحي.

عِيسَوِي، ص (ع) حضرت عيسيٰ عليه السلام سان منسوب. حضرت عيسيٰ جي ولادت سان شروع ٿيل سن.

عَيشُ، ذ (ع) خوشي. آرام- آسائش. خواهش جي تڪميل. شهوت پرستي. مزو.

عيشي ڪرڻ، مزا ماڻڻ.

عيش پَسند، ص. شوقين. آرام طلب.

عَيش عِشَرت، عيش ونشاط، ث. زندگيءَ جا مزا. عياشي. نفساني خوشيون.

عَيشِي جِيئڙو، ص. عيش پسند. آرام پسند. عياش.

عَينَ، ث (ع) اک- چشم- نيڻ. (ظ) خاص. ساڳيو. هوبهو.

عَينُ اليَقين، ذ. اکيون ڏٺو يقين.

عَين بَين، ظ. هوبهو- ساڳيو.

عَين وقت، ذ. انهي وقت- صحيح موقعو.

عَيني، ص. اکين ڏٺو. ڏٺل.

عَينَڪَ، ث (ع) چشمو. نظر وڌائڻ لاءِ خاص شيشن وارو فريم.

عيوَضُ، ذ (ع " عِوَض) بدلو. بدلي ۾ ڏنل شيءِ. اجورو. معاوضو. موٽ ۾ ڏنل سگَّ- بَدلو.

عيوضائو، ذ. عيوض ۾ ڏنل رقم.

عيوض ڏيڻ، بدلو ڏيڻ. اجورو ڏيڻ.

عيوض مَعاوضو، ذ. ڏي وٺ. بدل سدل.

عيوضو، ذ. عيوض- بدلو. اجورو.

عيوِضي، ص. ٻئي جي بدران ڪم ڪندڙ. قائم مقام.

غ

غ؛ ث (ع) اُچار 'غَين'. سنڌي "الف- بي" جو پنجٽيهون اکر. عربي جو اوڻيهون ۽ فارسي جو ٻاويهون اکر. ابجد موجب عدد هزار (۱۰۰۰).
غارَ (ث). غارُ؛ ذ (ع) جبل ۾ وڏو سوراخ- گهار. غُفا. چُرَ. سُرنگهه.
غارِ حِرا؛ ث. عربستان ۾ جبل "حِرا" جي چُرَ (جنهن ۾ هجرت کان پوءِ نبي سڳورو ٽي ڏينهن رهيو).
غار ڪرڻ؛ غار ۾ اڇلڻ. تباه ڪرڻ- برباد ڪرڻ. گم ڪرڻ. ٻوڙڻ- غرق ڪرڻ.
غارَت؛ ث (ع) دشمن تي ڪيل حملو. لٽ مارَ. بربادي- تباهي. (ص) تباهه- برباد.
غارَت ڪرڻ؛ تباه ڪرڻ- برباد ڪرڻ. گم ڪرڻ.
غارَتگر؛ ص. تباهه ڪندڙ. لٽيندڙ- لٽ مار ڪندڙ.
غارَتگرَي؛ ث. لٽ مار. تباهي- بربادي.
غاريبو؛ ص. غريبائو- مسڪيني.
غازه؛ ذ (ف) هڪ قسم جو خوشبودار گلابي پائوڊر (جيڪو عورتون ڳلن تي هڻن). سُرخي- لالي.
غازِي؛ ذ (ع) ڪافرن سان لڙندڙ مسلمان سپاهي. (ص) بهادر. گهوڙو.
غازِي مَرد؛ ذ. بهادر ماڻهو. گهوڙو.
غاشو؛ ذ (ع. غاشيہ) اٺ تي وجهڻ جو ڪپڙو. پلاڻ.
غاصِبُ؛ ص (ع) زبردستي حق کسيندڙ. ٻئي جو حق هڙپ ڪندڙ.
غافِلُ؛ ص (ع) بي ڌيان. بي خبر. بيپرواهه. سست. مدهوش.
غافِل ڪرڻ؛ بي ڌيان ڪرڻ. بيهوش ڪرڻ.
غالِبُ؛ ص (ع) فتح ڪندڙ. جيتيل- کٽيل. ڏايو. زبردست. سرسي ڪندڙ.
غالب پوڻ؛ سوڀ ڪرڻ. حاوي ٿيڻ. بيوس ڪرڻ.
غالبا؛ ظ (ع) شايد- يقينا- گهڻو ڪري.
غاليچو؛ ذ (ف) اُنَ يا پشم سان ٺهيل گلڪاريءَ سان فرش- قالين.
غائِبُ؛ ص (ع) گم. پوشيدو- لڪل- ڳجهو- مخفي. غيرحاضر- غيرموجود.
غائب ٿيڻ؛ گم ٿيڻ- الوپ ٿيڻ. روپوش ٿيڻ.
غائبانہ؛ ظ (ع) پرپٺ- غيرموجودگي.
غائِر؛ ص (ع) اونهون- عميق. وسيع.
غايَت؛ ص (ع) پڇاڙي- انتها. آخري حد. غرض- آخر مطلب. (ص) انتهائي- بيحد.
غُبارُ؛ ذ (ع) ڌوڙ- دز- مٽي. ڏنڌ- اندوڪار. رنج- ملال.
غُبار آلود؛ ص. مٽيءَ هاڻو.
غُبار ڪڍڻ؛ دل جو بخار ڪڍڻ. ارمان ڪڍڻ. حسرت پوري ڪرڻ. چوهه چنڊڻ.
غُبارو؛ ذ (ع) ڦوڪڻو. گئس سان ڀريل وڏو ڦوڪڻو.
غَبغَب؛ ث (ع) ڪاڏي، ڪاڏيءَ واري ڳڏ (جيڪا سُونهن ۾ ڳڻجي).
غَبَنُ؛ ث (ع) خيانت- خردبُرد. امانت ۾ گهوٻي.
غَبِي؛ ص (ع) ڪُند ذهن- ڏڏ- موڳو.
غَدارُ؛ ص (ع) فسادي. باغي. دشمن (ملڪ جو). دغاباز. (ذ) تمام وڏو شهر.
غَداري؛ ث. بغاوت. دغابازي. نمڪ حرامي.
غَدَرُ؛ ذ (ع) فساد- بلوو- هنگامو. بغاوت.

غُدودُ: ذ (ع) ماس جو ڳوڙهو- مُشڪ. خِلطُ.
غِذا: ث (ع) کاڌو- خوراڪ. خصلت- عادت- هير.
غذائيت: ث. کاڌي جا طاقتور جُز.
غُرابُ: ذ (ع) ڪانءُ.
غَرارو: ذ (ع. غراره) ڳرڙي. نڙيءَ تائين ڳرڙي.
غَرائِبَ: ذ (ع) ”غريب“ جو جمع. اڻ لڀ شيون. عجائبات واريون حالتون، حڪايتون يا حقيقتون.
غُرَبا: ذ (ع) ”غَريبُ“ جو جمع. مسڪين.
غُربَتَ: ث (ع) مسڪيني- مفلسي- اڻ هوند.
غَرضَ: ث (ع) ضرورت- گهرج- حاجت. خواهش. پرواهه- ڪاڻ.
غرضَ ڪيڻ: ڪاڻ ڪيڻ- پرواهه ڪيڻ.
غَرضُ: ذ (ع) ڪم. لالچ. (ظ) حاصل ڪلام- مطلب تہ.
غرضُ پوڻ: ڪم پوڻ- مطلب پوڻ.
غرض رکڻ: اميد رکڻ. مطلب رکڻ. واسطو رکڻ.
غرضمند: ص. ضرورت مند- گهرجائو.
غرض ڪيڻ: ڪم ڪيڻ. مطلب پورو ڪرڻ.
غَرق: ص (ع) ٻڏل. مصروف (ڪم ۾)- مشغول. غلطان.
غرق ٿيڻ: اوڙاهہ ۾ پوڻ. ٻڏڻ. گم ٿيڻ. تباهہ ٿيڻ.
غُروبُ: ذ (ع) لهڻ (سج يا چنڊ)- اُلهڻ.
غُرورُ: ذ (ع) تڪبر- گهمنڊ- فخر- هَٺ- آڪڙ.
غُرورُ ڪرڻ: تڪبر ڪرڻ.
غُرَّہ: ث (ع) قمري مهيني جي پهرين تاريخ.
غريبُ: ص (ع) مفلس- مسڪين- ڪنگال. عاجز. محتاج. عجيب. مسافر.
غَريب الوطن، غريب الديار: ذ. وطن کان پري- پرديسي. مسافر.
غريبائو: ص. مسڪينيءَ وارو- سادو سودو.
غريب پرور: ص. غريبن کي سنڀاليندڙ. اميرن جو لقب.
غريب خانو: ذ. گهر (پنهنجو گهر).
غريب غربو: ذ. مسڪين- مسافر. هرڪو ماڻهو.
غريب نَواز: ص. غريبن کي نوازيندڙ. سخي.
غَريبي: ث. غربت- مسڪيني- مفلسي.
غَريق: ص (ع) ٻڏل- غرق.
غَريق رحمت: ص. خدا تعاليٰ جي رحمت ۾- مرحوم.
غَزا: ث (ع) جهاد- ڪافرن سان جنگ.
غَزالُ: ذ (ع) هرڻ. هرڻ جو ٻچو.
غَزَلُ: ذ (ع) حُسن ۽ عشق جي مضمون وارا شعر.
غزل خوان: ص. غزل چوندڙ ۽ خوش الحاني سان غزل پڙهندڙ.
غزوات: ث (ع) ”غزوه“ جو جمع.
غَزوَه: ذ (ع) ڪافرن سان لڙائي (جنهن ۾ نبي سڳورو شريڪ هجي).
غُسُلُ: ذ (ع) سڄو جسم ڌوئڻ. وهنجڻ. مڙدي کي وهنجارڻ.
غُسلخانو: ذ. وهنجڻ جي جاءِ- وهنجڻ خانو.
غُسل ڪرڻ: وهنجڻ- پاڪ ٿيڻ.
غَش: ص (ع) بيهوش. ماندو- ساڻو. ڏڪريل.
غش ٿيڻ: بيهوش ٿيڻ- ڏڪرجڻ. حيران ٿيڻ.
غَشي: ث. بيهوشي. ٻوڏڙو. مانداڻي. حيراني.
غَصَبُ: ذ (ع) ظلم. بي انصافي. زبردستي سان ڦٻايل حق.
غصب ڪرڻ: زوري ڦٻائڻ. ٻئي جي حق تي ڌاڙو هڻڻ.
غُصو: ذ (ع) ڪاوڙ- چڙ- ڏمر.
غَضَبُ: ذ (ع) غصو- ڪهر- ڏمر. مصيبت. ظلم- انڌير.
غضب الاهي: ذ. خدا جو ڪهر.
غضب نازل ٿيڻ: ڪهر پوڻ. مصيبت اچڻ.

غضب ڪرڻ: ڪهر ڪرڻ. حيرت جهڙو ڪم ڪرڻ.

غضبناڪ: ص. ڪاوڙيل. چڙيل- ناراض. ڪهري.

غضنفرُ: ذ (ع) شينهن. بهادر- سورهيه.

غفا: ث. چڙ- سُرنگهه- غارُ.

غفارُ: ص (ع) معاف ڪندڙ. بخش ڪندڙ. (ذ) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

غفلتَ، غفلت: ث (ع) بيخبري- اڻ ڄاڻائي. بي ڌياني. ڀُلَ- غلطي. ويسر. سُستي. ننڊ.

غفلت ڪرڻ: سستي ڪرڻ. بيپرواهي ڪرڻ.

غفور: ص (ع) معاف ڪندڙ. خطا بخش ڪندڙ. (ذ) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

غفور الرحيم: ص. بخش ڪندڙ ۽ رحم ڪندڙ. ٻاجهارو.

غلُ: ذ (ف) هُل- شور- گوڙ.

غلاظت: ث (ع) گندگي- ڪِن ڪچرو. ناپاڪائي- نجاست- پليتي. گدلائي.

غلافُ: ذ (ع) ڇوَ- ڇهُ. پوش. پٽرائي. وهائي. گادي وغيره جو پڙ.

غلامُ: ذ (ع) زرخريد ڇوڪرو- ٻانهون- گولو. نوڪر. تاش جو هڪ پتو. (ص) تابعدار- مطيع.

غلام بنائڻ: ٻانهون ڪرڻ. خريد ڪرڻ (احسان سان). مطيع ڪرڻ.

غلام گردش: ث. صُفن ۽ ڪمرن جي چوڌاري ورانڊو.

غلامي: ث. ٻانهپ- گولپ. تابعداري. فرمانبرداري- اطاعت.

غلامي ڏيڻ: نوڪري ڏيڻ. خدمت ڪرڻ. هروقت حاضري ۾ هجڻ.

غلبو: ذ (ع) واڌارو- گهڻائي. برتري. فتح. حملو. طاقت- زور.

غلبي راءِ: ث. گهڻائي وارو رايو. اڪثريتي فيصلو.

غلطَ: ص (ع) اڻ درست- غيرصحيح. ڪوڙ.

غلط العام: ذ. عام ماڻهن جي ڪيل غلطي درست سمجهي ويندي آهي.

غلط بياني: ث. ڪوڙو بيان.

غلط سَلط: ذ. ڪوڙ سچ.

غلط فهمي: ث. ناسمجهي. ڀُل چُڪ. خطا.

غلط نامو: ذ. ڪتاب ۾ ٿيل غلطين جي فهرست- ڀلنامو.

غلطي: ث. ڀُلَ- چُڪ- خطا. ناسمجهي.

غلطي ڪڍڻ: نقص معلوم ڪرڻ. درست ڪرڻ.

غلطانُ: ص (ف) ٻڏل- غرق. مشغول. رُڌل (ڪم ۾).

غلطان و پيچان: ص. اٿلندڙ پٿلندڙ. فڪرمند. پريشان. ٻُڏتر ۾.

غلغلو: ذ (ف) شور- غوغاءُ. مشهوري- ڌوم. هاڪ.

غلمانُ: ذ (ع) "غُلام" جو جمع. ڇوڪرا. بهشتين جي خدمت لاءِ غلام.

غلو: ذ (ع) نهايت مصروفيت. عقل ۾ اچڻ جهڙو وڌاءُ.

غلولو: ذ (ع) گُليل. گليل جو ڳوڙهو- ڳلولو.

غلہ: ذ (ع) اناج.

غلہ فروش: ص. اناج وڪڻندڙ. مودي.

غليظُ: ص (ع) گندو- ڪنو. لڙائيل (پاليت)- گهاٽو.

غليلَ: ث (ع) مٽيءَ جي ڳوڙهن اُڇلڻ جو ڪمان وارو اوزار. ۾ سانگي ڪاٺيءَ مان ٺهيل ٿنڊي گُليلَ.

غمُ: ذ (ع) رنج- ڏک- افسوس. ارمان- ملال. ماتم. ڳڻتي.

غم غلط ڪرڻ: دل وندرائڻ- روح پريائڻ.

غم کائڻ: افسوس ڪرڻ. صبر ڪرڻ. درگذر ڪرڻ.

غمازُ: ص (ع) چغلخور- جُوڻت- چاري- جاسوس. اک سان اشارو ڪندڙ.

غمازي: ث. چغلي- جُوڻي. جاسوسي.

غمتار؛ ص. ڏک لاهيندڙ. همدرد.
غمخوار؛ ص. همدرد- ڏک ڀائي. هڏڏوکي.
غمخواري؛ ث. همدردي. دلداري.
غمزده؛ ص. ڏکويل- مغموم.
غمزو؛ ذ (ع) اک يا ڀرون ءَ جو اشارو. ميچ- اَهڃ. ناز- نخرو. انگل- ماڻو.
غمزا هڻڻ؛ نخرا ڪرڻ. بهانا ڪرڻ. ٺاڪون هڻڻ.
غمگسار؛ ص. همدرد.
غمگين؛ ص (ف) رنجيده- ڏکويل- مغموم- اُداس.
غمگيني؛ ث. افسوس- رنج- ڏک. اداسي. ملال.
غمي؛ ث (ف) موت. وفات جو افسوس.
غنا؛ ذ (ع) راڳ- ڳائڻ. گيت- نغمو.
غنائيت؛ ث. موسيقي- سُرود. راڳ واري لئي.
غنچو؛ ذ (ف) ڪِلي- مکڙي- شگوفو. جهُرمٽ (گلن، ٻوٽن، وڻن جو). باغيچو.
غنڊو؛ ص. بدمعاش- لفنگو. بدچال- اوباش.
غنڊاگردي؛ ث. بدمعاشي. جهيڙو فساد.
غنو؛ ذ (ع) نڪ مان نڪرندڙ "ن" اکر جو آواز.
غنودگي؛ ث (ف) خُمار (ننڊ يا نشي جو)- ڳهر. مدهوشي. ٻِنڪي- اوجهرائي.
غني؛ ص (ع) شاهوڪار- دولتمند. بيپرواه- بي نياز. (ذ) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
غنيم؛ ذ (ع) ڦُرلٽ ڪندڙ. دشمن. دشمن جو لشڪر. لشڪر. بي انداز ماڻهو- انبوهه.
غنيمت؛ ث (ع) لُٽ جو مال. دشمن کان کسيل مال. بنا محنت جي هٿ آيل مال. برڪت- خوش قسمتي.
غنيمت ڄاڻڻ؛ جيڪي ملي سو گهڻو سمجهڻ. خوش قسمتي سمجهڻ.
غواص؛ ص (ع) خوطه خور- ٽوٻير- ٽوٻو. اونهون ويندڙ ۽ حقيقت معلوم ڪندڙ.
غواصي؛ ث. اونهين ۾ وڃڻ واري حالت- اونهين ٽٻي.
غوث؛ ذ (ع) وِلايت جو هڪ درجو (جنهن ۾ بندو فقط خدا جي ياد ۾ مشغول رهي ٿو).
غور؛ ذ (ع) سوچ- ويچار- فڪر. اونهون خيال. ڪنهن شيءِ جي اصليت سمجهڻ وارو خيال.
غور طلب؛ ص. سوچڻ لائق- ويچارڻ جهڙو.
غور ڪرڻ؛ سوچ ويچار ڪرڻ. ڌيان ڪرڻ.
غور و خوض، غور و فڪر؛ ذ. سوچ ويچار.
غوراب؛ ذ سڙهن جي زور تي هلندڙ وڏو ٻيڙو. پاڻيءَ جو جهاز.
غوطو؛ ذ (ع) ٽُٻي. گوتو. ٻُڏتر.
غوطي خُور؛ ص. ٽٻي هڻي سمنڊ وغيره جي تري مان موتي ڪڍندڙ. ٽوٻو- ٽوٻير.
غوطا کائڻ؛ گوتا کائڻ- ٽُٻيءَ ۾ پوڻ. سوچ ويچار ڪرڻ. دِل من هڻڻ.
غوغا، غوغاءُ؛ ذ. شور- هُل- گوڙ. وڏو آواز.
غول؛ ذ (ع) جِن ڀُوت. غيبات.
غول؛ ذ (ف) انبوهه- ٽولو- جٿو- ميڙ.
غيب؛ ذ (ع) غيرموجودگي. ڏسڻ ۾ نه اچڻ. لِڪَ. راز- ڳُجهه.
غيب جو علم؛ ذ. لڪل ڳالهيون ڄاڻڻ. آئنده جا واقعا ڄاڻڻ.
غيبي؛ ص. لڪل- ڳجهو- خفيه. آسماني.
غيبات؛ ث. ڏسڻ ۾ نه ايندڙ مخلوق (جن، ڀوت، پَرِيُون).
غيبت؛ ث (ع) گِلا- نِندا. عيب جُوئي. لائي چائي.
غيبتي؛ ص. گلاخور. لائي چائي ڪندڙ.
غير؛ ذ (ع) گندگي. ميرُ. ڪَٽُ. ٻاڦي. ويچو. ڪلفت.
غير؛ ص (ع) ٻيو. ڌاريو. جدا- مختلف- ڌار. (ظ)

سواءِ- بنا. پراهون. ٻاهريون.

غيرآباد: ص. ويران- اُجڙ.

غيرجانبدار: ص. واسطو نہ رکندڙ. بي تعلق.

غيرجانبداري: ث. ڪنهن جو طرف نہ وٺڻ. بي رِيائي.

غيرجِنسَ: ص. ٻئي قسم جو، ٻيءَ قوم مان. ڌاريو.

غَير حَاضُر: ص. موجود نہ هجي. غائب- گم.

غيرحاضري: ث. غيرموجودگي.

غيرذميدار: ص. ذميداري نہ سنڀاليندڙ. لاپرواه.

غيرشفاف: ص. جنهن مان آرپار نہ ڏسي سگهجي (شيشو وغيره). ڏُنڌلو- اڻ صاف.

غيرشخص: ذ. ڌاريو ماڻهو. اڻ واقف ماڻهو. جنهن ماڻهوءَ جو تعلق نہ هجي.

غير گمان: ذ. شڪ شبهو. بي يقيني.

غير شَرعي: ص. شريعت جي خلاف. شريعت موجب منع ٿيل.

غيرضروري: ص. جنهن جي گهرج نہ هجي. اجايو- فضول.

غيرفاني: ص. فنا نہ ٿيندڙ. سدائين قائم رهندڙ.

غير مُتحرڪ: ص. حرڪت ۾ نہ ايندڙ. چُرپُر نہ ڪندڙ. اڻ چُرندڙ.

غيرمَحدوُد: بيشمار- حد حساب کان ٻاهر.

غيرمرد: ذ. ڌاريو ماڻهو.

غيرمُستَعمل: ص. استعمال ۾ نہ آيل. ڪم نہ ايندڙ.

غيرمَشروُط: ظ. بنا شرط شروط جي.

غيرمعمولي: ص. جيڪو عام نہ هجي. خاص. اڻ لڀ. انوکو.

غيرمُڪمل: ص. اڻ پورو- اڌورو.

غيرمُمڪن: ظ. اڻ ٿيڻي- ناممڪن. مشڪل- محال.

غيرمُناسب: ص. نامناسب- اڻ ٺهندڙ. اجايو.

غيرواجب: ص. نامناسب. فضول- اجايو. ناجائز.

غيرواقف: ص. اڻ سڃاتو. اڻ واقف. اوپرو- اجنبي.

غَيرَت: ث (ع) شرم- حياء- لڄ.

غيرتمند: ص. شرم وارو- حيادار. عزت وارو.

غَيريَت: ث (ع) ڌارِيائي- ٻيائي- بيگانگي. دوئي.

غَيضُ: ذ (ع) قهر- غصو- ڪاوڙ.

غَيوُر: ص (ع) گهڻي غيرت وارو.

ف

ف: ث (ع) اُچار "في". سنڌي الف- بي جو ڇٽيهون اکر. عربي جو ويهون ۽ فارسي جو اناويهون اکر. ابجد موجب عدد (٨٠).

فاتحُ: ص (ع) فتح ڪندڙ- سوڀارو.

فاتِحَہ: ث (ع) قرآن شريف جي پهرين سُورة- سُورة "الحمد". فوتيءَ جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ 'الحمد' ۽ "قل هُو الله" سورتن جو ورد.

فاتحہ خواني: ث. فوتيءَ جي پٺيان دعا پڙهڻ- پرچائي- عذرخواهي.

فاتحہ پڙهڻ: عذرخواهي ۾ قُل وغيره پڙهڻ. ڪو ڪم يا معاملو ختم ڪرڻ.

فاتِر: ص (ع) ڪمزور- هيڻو.

فاتِرالعَقل: ص. عقل ڇٽ- مَت هيڻ. چريو.

فاجِر: ص (ع) بدڪار.

فاحِش، ص (ع) شرمناڪ- قبيح. اگهاڙو (لفظ).
فاخِتہ، ث (غ) ڳيرِي (پکي)- ڪبوتري.
فارخطِي، فارقطِي، ث (ع. فارغ خطي) زال مڙس جي وچ ۾ ٻي تعلقي جي لکيت- طلاقنامو.
فارِس، فارَس، ذ (ع) ايران (مُلڪ).
فارسِي، ث. ايراني ٻولي. (ص) ايران جو.
فارِغ، ص (ع) واندو- آجو. خالي- آزاد.
فارِغ البال، ص. بي فڪر- آزاد (ڳڻتي، ويچار، ذميداري کان).
فارَغ البالِي، ث. روزگار جي ڳڻتي کان نجات. آسودگي- خوشحالي.
فارغ ٿيڻ، واندو ٿيڻ- آجو ٿيڻ.
فارَمُ، ذ (انگ) نقشو- نمونو. خاڪو. شڪل. ڇپيل ڪاغذ. ٻني- کيت.
فاروُق، ذ (ع) حق ۽ باطل ۾ فرق ڪندڙ. حضرت عمر رضہ جو لقب.
فاسِد، ص (ع) فساد پيدا ڪندڙ. خراب. بدچال. لُچ.
فاسِقُ، ص (ع) بدڪار- زاني. گنهگار.
فاش، ظ (ف) پڌرو-ظاهر- چٽو.
فاش ٿيڻ، پڌرو ٿيڻ- ظاهر ٿيڻ (راز، ڳجهہ).
فاصِل، ص (ع) جدا ڪندڙ. پري ڪندڙ.
فاصلو، ذ (ع) ويڇو- ڏُوري. وِٿي- وِڇوٽي.
فاضِل، ص (ع) وڌيڪ- زياده. گهڻو. فضول- اجايو. عالِم.
فاطِمَہ، ث (ع) نبي سڳوري جي دختر جو نالو.
فاعِل، ص (ع) ڪم ڪندڙ. گرامر موجب ڪم ڪندڙ اسم.
فاعِلي، ث (ع) گرامر موجب فاعل جي هڪ حالت.
فاقو، ذ (ع) بک. لنگهڻ- ويلو. روزو.
فاقہ زَده، ص. بکايل- لنگهيو. بکيو.
فاقہ ڪَشي، ث. بکون ڪاٽڻ- لُنگهڻ ڪڍڻ.
فاقا ڪڍڻ، بکون ڪاٽڻ. ويلا ڪڍڻ.
فاقہ مَستِي، ث. بکن ۾ بہ بي پرواهہ رهڻ.
فالُ، ث (ع) سَوَڻ. ڳجهي معلومات معلوم ڪرڻ جو ٽوڻو. ڪنهن معاملي جي سياڳ نياڳ يا ٿيڻ نہ ٿيڻ جي غيب داني.
فالُ پِٽائڻ، سڳڻ معلوم ڪرڻ.
فالنامو، ذ. فال ڪڍڻ جو ڪتاب.
فال وجهڻ، اهڃاڻن يا خاص نشانين مان حالات معلوم ڪرڻ.
فالِتُو، ص. وڌيڪ- زياده- فضول. بيڪار- اجايو. ضرورت کان زياده. بچت ۾ آيل- باچُو.
فالِج، ذ (ع) هڪ قسم جي بيماري- اڌ رنگ.
فالُودو، ذ (ف) نشاستي يا جانورن جي پيچي مان ٺهيل مناڻ (جنهن ۾ برف وجهي کائجي).
فام، ص (ف) جهڙو. رنگ جو. شڪل وارو.
فانوسُ، ذ (ف) هڪ قسم جو شمعدان.
فانوس گهَرُ، ذ. ٻيڙن، غورابن يا جهازن جي رهبري لاءِ عام طرح سمنڊ جي ڪناري تي اڏيل منارو.
فانِي، ص (ع) فنا ٿيندڙ. فنا ٿيل. بي بقا- ناپائدار.
فائِدو، ذ (ع) نفعو- لابُ. آمدني. ڪمائي. چڱائي- ڀلائي. بهتري.
فائديمندُ، ص. نفعي وارو- لاڀائتو- مفيد. چڱائي وارو.
فائِز، ص (ع) پهچندڙ. ڪامياب.
فائِقُ، ص (ع) وڌيل. سڀ کان وڌيڪ- اڳرو. اعليٰ- معزز. مٿانهون.
فائل، فائِيلُ، ذ (انگ) ڪاغذن جو تاريخ وار رکيل بنڊل.
فَبروَرِي، فيبروَرِي، ث (انگ) عيسوي سال جو ٻيو مهينو.

فَيها: جملو (ع) تمام سنو- بهتر.

فَتاح: ص (ع) فتح كندڙ- سويارو. كوليندڙ. (ذ) خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو.

فَتاوي: ث (ع) فتوائون. شرعي فتوائن بابت كتاب.

فَتح: ث (ع) سوڀ- جيت. كاميابي.

فَتحمند: ص. كٽيندڙ- فاتح- سويارو. كامياب.

فَتحياب: ص. فتح حاصل كيل- سويارو.

فَتحيابي: ث. سوڀ- جيت. كاميابي.

فِتنَت: ث (ع) فساد- جهيڙو. چالاكي. لچائي. بغاوت.

فِتنو: ذ (ع) حركت- شرارت. فساد. جهيڙو. بغاوت.

فتنه انگيزي، فتنه پردازي: ث. شرارت- جهيڙو- فساد.

فِتنو جاڳائڻ: فساد پيدا كرڻ- جهيڙو مچائڻ. بغاوت كرڻ.

فِتنِي: ص. فسادي- جهيڙاڪ.

فُتُوح: ث (ع) "فتح" جو جمع. سوڀ- كاميابي.

فتوحات: ث. "فتوح" جو جمع.

فُتور، فِتور: ذ (ع) فساد- فتنو- ڏُڦيڙ- وڳوڙ.

فتور وجهڻ: فتنو وجهڻ. جهيڙو وجهڻ.

فَتوىٰ: ث (ع) شرع جو حكم. شرعي فيصلو.

فَتيل: ث (ع) وَٽِ. پَٽي (كاغذ. كپڙي وغيره جي).

فَتيلو: ذ (ع) وَٽِ (پَٽي. كپڙي يا كاغذ جي).

فِٽ: ص (انگ) ٺهيل- پِٽَل. پورو- كُپ.

فُٽ: ذ (انگ) پيرُ. ٻارهن انچن جو ماپو.

فُٽبالُ: ذ. پيرن سان بال كي ٺُڏڻ جي هڪ راند.

فُٽ نوٽُ: ذ. صفحي جي پڇاڙيءَ ۾ لكيل سمجهاڻي- حاشيو.

فَجرَ (ث)، فَجرُ: ذ (ع) صبح. پرڀات- ڏَڪِي. پرهه ڦٽي- آسُر.

فُجورُ: ذ (ع) بدكاري- زنا. گناهه.

فَحاشي: ث (ع) گندگي. بيحيائي. اوگهڙ.

فُحشُ: ذ (ع) بيحيائي. شرم جهڙي ڳالهه. گارگند.

فحش كلامي: ث. واهيات گفتگو. گارگند.

فَخرُ: ذ (ع) عزت- شان. وڏائي. هٺ- غرور- گهمنڊ.

فِدا: ص (ع) عاشق. قربان- گهور- صدقي.

فِدائي: ص. جان نثار- عاشق.

فِدوي: ص (ع) فدا ٿيندڙ. قربان ٿيندڙ.

فِديه: ذ (ع) صدقو. كنهن قيدي كي ڇڏائڻ لاءِ عيوض ۾ ڏنل رقم. جان جو عيوض.

فَراخ: ص (ف) ويكرو- وسيع- كُليو.

فَرارُ: ذ (ع) ڀاڄ- ڀوڄ.

فَرار ٿيڻ: ڀوڄ پيجي وڃڻ. غائب ٿيڻ. روپوش ٿيڻ.

فَراز: ذ (ع) بلندي- اُتانهين- اوچائي.

فَراسَت: ث (ع) ڏاهپ- سياڻپ- عقلمندي- دانائي.

فَراسي: ث. سَٽَ مان ٺهيل ننڍو وڇائو (عموما پٽرائي جي هيٺان وڇائجي). ڏاس مان ٺهيل فرش.

فَراشُ: ذ (ع) فرش وڇائيندڙ ملازم. صفائي كندڙ نوكر.

فَراغَت: ث (ع) واندكائي- فرصت. ڇوٽكارو- آزادي.

فِراقُ: ذ (ع) جدائي- وڇوڙو- ڦوڙائو.

فِراكُ: ذ (انگ) ٻارن يا عورتن جو هڪ قسم جو ڍكهو چولو- گهاگهرو.

فَراموش: ص (ف) وسريل- دل تان لٿل.

فراموش كرڻ: وساري ڇڏڻ- وسارڻ.

فراواني: ث (ف) گهڻائي- جهجهائي- افراط- كثرت.

فَراهَم: ص (ف) گڏ- كٺو- جمع. ڍير.

فراهمي: ث. جمع كرڻ- گڏ كرڻ. موجود كرڻ- ميسر كرڻ.

فَرائِض: ذ (ع) "فريضہ" جو جمع. خدائي احڪامات.

فَرائِض مَنصبي: ذ. ضروري ڪم- فرضَ.

فَربہ: ص (ف) ٿُلهو- موٽو (جسم ۾).

فربہ اندام: ص. ٿلهي جسم وارو- موٽو.

فَربَهِي: ث. ٿولهہ- موٽائي.

فَرتُوت: ص (ف) تمام پوڙهو- پوڙهو ۽ ضعيف.

فَرجْ: ذ (ع) وِٿي- چيرُ. عورت جو شرمگاه.

فُرجو: ذ. فرصت جو وقت- فراغت- واندڪائي.

فَرَح: ث (ع) راحت- خوشي- آرام.

فَرحَت: ث (ع) خوشي- سرهائي. آرام- سک. راحت.

فَرحت بخش: ص. خوشي ڏيندڙ. آرام ده.

فَرخ: ص (ف) مبارڪ- سڀاڳو. وڻندڙ. خوش. سهڻو.

فَرخُنده: ص. مبارڪ- سڀاڳو. خوش.

فَردْ: ص (ع) اڪيلو- ڇڙو- تنها- واحد. (ذ) هڪ شعر- بيت. پنو (حساب ڪتاب جو). اڪيلو ماڻهو.

فَردا فَردا: ظ. اڪيلو اڪيلو. جدا جدا. الڳ الڳ.

فَردا: ظ (ف) سڀاڻي. (ذ) ايندڙ ڏينهن.

فِردوسْ: ذ (ع) باغ. بهشت- جَنت.

فِردوس مَڪانِي: ص. مرحوم.

فَرڙاٽْ: ذ. تکو اُڏامڻ جو آواز.

فَرزانہ: ص (ف) دانا- عقلمند- ڏاهو.

فَرزَندْ: ذ (ف) پُٽ- ڀيٽو- پسَر.

فرزند آرجمند: ذ. لائق پُٽَ.

فرزندي ۾ وٺڻ: پُٽ بنائڻ- نائي بنائڻ.

فَرستادَہ: ص (ف) موڪليل. قاصد- ايلچي.

فَرسَخ، فَرسَنگْ: ذ (ف) اٽڪل رُوءِ ٽن ميلن جو مفاصلو.

فَرسُودَہ: ص (ف) گَسَل- استعمال ٿيل. بيڪار. پراڻو- جهونو.

فَرشْ: ذ (ع) پَٽ تي وڇائڻ لاءِ سُٽ يا ڌاس مان ٺهيل وِڇائو- گِلم. سِرن وغيره سان جڙيل ٺهيل پڪو تَرُ.

فَرش فُروش: ذ. وڇائڻ لاءِ ٿپڙ ٿاڙي- گلم غاليچا.

فِرشتو: ذ (ف) نور مان ٺهيل مخلوق (جيڪي خدا جي عبادت ڪن، ڪائين پين ڪجهہ بہ نہ. جبرئيل، ميڪائيل، عزرائيل ۽ اسرافيل وڏا فرشتا آهن)- ملڪ. (ص) نيڪ.

فرشتہ خصلت، فرشتہ سِيرَت: ص. نيڪ سيرت. سلڇڻو.

فرشتہ صورت: ص. شڪل صورت مان نيڪ لڳندڙ. نيڪ- بزرگ.

فُرصَت: ث (ع) مهلت- واندڪائي. خالي وقت. موڪل- ڇُوٽي.

فَرضْ: ذ (ع) خدا جي حڪم سان مقرر ٿيل ضروري ڪم. نماز جون رڪعتون جيڪي پڙهڻ لازمي آهن. سونپيل ڪم- ذميداري.

فَرض ادا ڪرڻ: حڪم جي تعميل ڪرڻ. سونپيل ڪم پورو ڪرڻ. ڊيوٽي ادا ڪرڻ. نماز پڙهڻ.

فَرضِي: ص. خيالي- گماني- نقلي.

فَرط: ذ (ع) جهجهائي- گهڻائي- ڪثرت.

فَرع: ث (ع) ٽاري- شاخ.

فِرعَونْ: ذ (ع) قديم مصر جي بادشاهن جو لقب. (ص) مغرور- ضدي. ظالم- بيرحم.

فِرعَونِيّت: ث. غرورُ- تڪبر- وڏائي.

فَرفَر: ث (ع) تيزي- جلدائي. (ظ) جلدي- جهٽ پٽ. بنا هٻڪ جي.

فَرقْ: ذ (ع) مفاصلو- دُوري- وڇوٽي. ويڇو- جدائي. ڦيرُ- تبديلي.

فرق اچڻ: ڦيرو اچڻ. تبديلي اچڻ. ڪَمي اچڻ.

فرق ڪڍڻ: غلطي ڪڍڻ. چُڪَ درست ڪرڻ. وچان ويچو دور ڪرڻ. اختلاف ڪڍڻ.

فرق ڪرڻ: هڪ جهڙائي نہ رکڻ- تفاوت ڪرڻ- ڦير ڪرڻ. مَٽ ڪرڻ.

فُرقانُ: ذ (ع) سَچ ۽ ڪوڙ ۾ فرق ڪندڙ- قرآن شريف.

فُرقت: ث (ع) جدائي- وڇوڙو- هجر- فراق.

فَرقو: ذ (ع) جماعت- گروه. قوم. سماجي طبقو.

فرقہ بَندِي: ث. جماعت بندي- گروه بندي.

فَرلانگُ: ذ (انگ) ہـ سؤ ويهن گزن جو مفاصلو (جيڪو ميل جو اٺون حصو ٿئي).

فَرمانُ: ذ (ف) بادشاهي حڪم. پروانو. اَمرُ.

فرمانبردارُ: ص. حڪم جو بندو. چئيوانُ.

فرمانبرداري: ث. حڪم جي ميٽا. اطاعت.

فَرمانروا: ص. حڪم هلائيندڙ- حاڪم- بادشاه.

فرمانروائي: ث. بادشاهي- حڪومت.

فَرمائِش: ث (ف) حڪم- فرمان- اَمرُ. ڪنهن ڳالهہ جي پورائي لاءِ چوڻ. گيهہ لڳل سنهي ۽ نرم ماني.

فرمائشي: ص. خاص حڪم سان ٺهرايل.

فَرمائِڻُ: مر. حڪم ڪرڻ- ارشاد ڪرڻ. چوڻ.

فَرمُودو: ذ (ف) حڪم- فرمان. قول.

فِرَنگ: ذ (ع) يورپ (کنڊ).

فِرَنگِي: ص. يورپ جو رهاڪو- يورپي. نصارو.

فَرنيچر: ذ (انگ) گهر جو سامان (کٽون، پلنگ، ڪٻٽ، ڪرسيون، ميزون وغيره).

فِروتَني: ث (ف) اطـــاعـــت. فرمانبرداري. عاجزي. آڌرڀاءُ.

فُروٽُ: ذ (انگ) ميوو- ڦل.

فَروخت: ث (ف) وڪرو- نيڪال.

فروخت ڪرڻ: وڪڻڻ- نيڪال ڪرڻ.

فِروڪَش: ص (ف) ترسندڙ- ٽڪندڙ.

فِروگذاشت: ث (ف) ڀُل چُڪ. غفلت.

فِرومايہ: ص (ف) گهٽ درجي جو- ڪميڻو. رذيل.

فَروزان: ص (ف) روشن. ٻرندڙ. چمڪندڙ.

فَروش: ص (ف) وڪڻندڙ.

فُروعُ: ذ (ع) شاخ- ٽاري.

فُروعات: ذ (ع) اهي فقهي مسئلا جن جو اصولي عقيدي سان تعلق نہ هجي.

فُروعِي: ص. اصول کان هيٺيل (عقيدو، مسئلو).

فَروغُ: ذ (ف) روشني- چمڪو. رونق. ترجيح.

فَروغ ڏيڻ: مشهوري ڏيڻ. واڌارو ڏيڻ. ترجيح ڏيڻ. اڳتي وڌائڻ.

فَرهَنگُ: ذ (ف) معنائن جو ڪتاب- لغت. دانائي- ڏاهپ.

فَريادُ: ذ (ف) دانهن- پُڪار. انصاف ملڻ لاءِ دانهن. نالش- ڪيس- مقدمو.

فرياد ڪرڻ: مقدمو ڪرڻ. دانهن ڪرڻ- پُڪار ڪرڻ.

فرياد مچائڻ: دانهون ڪرڻ- گهوڙا گهوڙا ڪرڻ. هُل ڪرڻ.

فَريادِي: ص. دعويٰ ڪندڙ- مُدعي. داد گهرندڙ. پُڪاريندڙ.

فَريبُ، فِريبُ: ذ (ف) دوکـــو- ٺـڳي- دغا- دولاب- مَڪرُ.

فريبي: ص. دوکيباز- مڪار- ٺڳ- دولابي.

فَريدُ: ص (ع) بيمثل- لاثاني- يڪتا.

فَريضہ: ذ (ع) خدا جو حڪم- فرض.

فَريفتہ: ص (ف) عاشق. مفتون.

فَريقُ: ذ (ع) جماعت. گروه. فرقو. ڌُر.

فِريمُ: ذ (انگ) چوکٺ. تصوير جو چورسو.

فَسادُ: ذ (ع) جهيڙو- جهڳڙو- دنگو- بکيڙو. بغاوت.

فَسادات: ذ. "فساد" جو جمع.
فَساد ڪرڻ: جهيڙو ڪرڻ. دنگو مچائڻ. هُل ڪرڻ.
فَسادِي: ص. جهيڙاڪ. حرڪتي. فتني باز.
فَسانو: ذ (ف) افسانو- داستان- ڪهاڻي- قصو.
فَسَخ: ذ (ع) ارادي جي تبديلي. ڪنهن معاهدي يا نڪاح جي تنسيخ.
فِسقُ: ذ (ع) نافرماني- حڪم عدولي. بدڪاري- زنا.
فِسق و فُجور: ذ. ڏوهه گناهه. بدڪاري.
فُسون: ذ (ف) جادو- اَفسُون.
فُسون ساز: ص. جادوگر- ساحر.
فَصاحَتَ: ث (ع) خوش بياني- گفتگو ۾ مهذب ٻولي جو استعمال.
فَصد: ث (ع) خراب رت واري نَس. ناڙ- نبض.
فصد کولڻ: سيرَ ڇوڙڻ (ڪني رت ڪڍڻ لاءِ).
فَصُل: ذ (ع) پوک- ڪاشت. ٻني- ڪيت. پيداوار. موسم- رُت. ڪتاب جو حصو- باب.
فصل ڪڻڻ: پوک جي پيدائش ڪڻڻ.
فصُل ٻَنيرو: ذ. موسمي پکي وانگر فقط مقرر وقت تي ايندڙ.
فَصِيح: ص (ع) صاف مستند محاورو (ٻوليءَ جو). صاف سهڻي بيان واري عبارت. خوش بياني. مهذب گفتگو. صحيح ۽ صاف ڳالهائيندڙ.
فصيح و بَليغ: ص. خوش بيان ۽ ڪلام. بامعنيٰ ۽ واضح مطلب معنيٰ وارو.
فَصِيل: ث (ع) ديوار- ڀِت. چوديواري. عالم پناهه.
فِضا. فَضا: ث (ع) کليل ميدان. بهار. رونق. ماحول. هَوا.
فَضائِل: ذ (ع) "فَضِيلت" جو جمع.
فَضُل: ذ (ع) مهرباني- عنايت- ڪرم. ٻاجهه- رحم. بخشش. فضيلت. بزرگي.
فُضلاء: ذ (ع) "فاضل" جو جمع.
فُضولُ: ص (ع) اجايو- بيفائدو- بيڪار. نڪمو. گهڻو- زياده. فالتو- وڌيڪ.
فُضول خَرچُ: ذ. اجايو خرچ- هٿ ڦاڙائي. (ص) اجايو خرچ ڪندڙ- هٿ ڦاڙ.
فضول خرچي: ث. هٿ ڦاڙائي- اجايو خرچ.
فَضِيحَت: ث (ع) ذلت- بيعزتي. بدنامي- خواري. ٿُول.
فَضِيلَتَ: ث (ع) بزرگي- وڏائي- برتري. سُلڇڻائي- اخلاق. آبرو- عزت. سليقو. لياقت.
فَطانَت: ث (ع) هوشياري- ڏاهپ- سيائپ- عقلمندي- ذهانت.
فِطرَت: ث (ع) قدرت. سِرشت- بناوت. طبيعت- مزاج.
فِطرَتِي: ص. قدرتي. چالاڪ. حرڪتي- لُچ- شرير. فتني باز.
فِطرو: ذ (ع) روزن جي صدقي ڏنل خيرات (اناج يا نقدي جي صورت ۾).
فِطرِي: ص (ع) قدرتي. طبعي- پيدائشي.
فِعلُ: ذ (ع) ڪم- عمل. لڇڻ. عادت. گرامر موجب هئڻ، ڪرڻ ۽ سَهڻ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ.
فِعل شنيع. فِعل قَبِيح: ذ. بڇڙو ڪم- بدڪاري.
فعل مُتعدي: ذ. اهو فعل جنهن جو جملي ۾ مفعول موجود هجي.
فِعل مَجهُول: ذ. اهو فعل جنهن جو جملي ۾ فاعل نه هجي.
فِعليگير: ص. خراب عادتن وارو. بدلڇڻو. بدڪار.
فِعلِي: ص. فعل ڪندڙ. عادتي. بدڪار.
فِغان: ذ (ف) شور- هُل. فرياد- پُڪار. دانهن. روڄ.
فَق: ص (ع) ڳم- وِيل. پيلو ٽِڪو. حيران- هڪو ٻڪو.

فِقدان؛ ذ (ع) گمشدگي. وڃائجڻ. اَلهُوند. کمي- گهٽتائي. نقصان.

فَقرُ؛ ذ (ع) درويشي. محتاجي. غربت. ديني مدرسي ۾ رهندڙ پرديسي شاگردن لاءِ کاڌ خوراڪ (جيڪا گهرن مان رڌل پڪل صورت ۾ ملي)- وَنڊُ.

فَقرُ فاقو؛ ذ. اڃ بک- بک ڏک. مسکيني- غربت.

فُقراء؛ ذ (ع) "فقير" جو جمع. درويش. گداگر.

فِقرو، فُقرو؛ ذ (ع) جملو. جملن جو مجموعو. شِقَ- پٽرا.

فَقط؛ ظ (ع) صرف- رڳو. اڪيلو- ڇڙو. مضمون جي خاتمي جو لفظ.

فِقه، فِقہَ؛ ث (ع) دين جو علم. مذهبي قانون. عقل- سمجهه.

فَقيه؛ ذ (ع) "فِقه" جو عالم.

فَقيرُ؛ ص (ع) پينُو- پنڻو- منگتو- سوالي. درويش. مفلس- محتاج. ناچيز.

فَقيرتَن؛ ص. غريب- مسڪين. درويش.

فَقيرِي؛ ث. فقير جو رتبو. درويشي. غريبي- مسڪيني. پنڻ جو ڌنڌو.

فِڪرُ؛ ذ (ع) ڳڻتي- ويچار. انديشو- اُڻ تڻ. اُلڪو- پريشاني. سوچ- خيال. ڌيان. غور.

فِڪرات؛ ث. پريشاني- ڳڻتي. اڻ تُڻ.

فِڪر رکڻ؛ اُلڪو ڪرڻ. انتظار ڪرڻ. ڳڻتي ڪرڻ. ڌيان رکڻ- خيال رکڻ.

فِڪر ڪرڻ؛ ڳڻتي پچائڻ- ويچار ڪرڻ. غور ويچار ڪرڻ.

فِڪرمَند؛ ص. ويچار ۾- ڳڻتيءَ ۾. پريشان. غمگين.

فِڪرمَندي؛ ث. ڳڻتي- ويچار. ارمان.

فَلاحُ؛ ذ (ع) نجات- ڇوٽڪارو. ڀلائي- بهتري. فائدو. سلامتي- بچاءُ.

فَلاڪَت؛ ث (ع) مسڪيني- غربت- مفلسي. نياڳ- بدقسمتي.

فلاڪت زده؛ ص. مصيبت جو ماريل. مسڪين- ڪنگال.

فَلانو؛ ذ (ع. فَلان) گار جو لفظ. اڳونو. (ص) بي نالي. ڪوبہ.

فَلسَفو؛ ذ (ع) حڪمت- دانائي- ڏاهپ. دليل- حجت. سوچڻ ۽ بحث ڪرڻ جو علم.

فَلسَفِي؛ ص. فيلسوف. ڏاهو- داناءُ.

فَلڪَ؛ ث. ڦُڙتي- تيزي- جلدائي. همتَ- جُرات.

فلڪ ڏيکارڻ؛ تيزي سان ڪم ڪرڻ. جلدائي ڏيکارڻ. جراتمندي ڏيکارڻ.

فَلڪُ؛ ذ (ع) آسمان- عرش- آڪاس.

فَلڪِيات؛ ذ. آسمان متعلق علم. سج چنڊ تارن وغيره جو علم.

فِلڪُ؛ ذ (ع) فرق. ويڇو. جدائي.

فِلمَ؛ ث (انگ) ڪافور جي پٽيءَ تي نڪتل تصوير (جيڪا پڙدي تي متحرڪ ڏسجڻ ۾ اچي). سئنيما.

فِلم ڳچيءَ ۾ پوڻ؛ پرائي ڳالهہ پنهنجي ذمي ٿيڻ. پرائي مسئلي ۾ ڦاسڻ.

فُلوسُ؛ ذ (ع) "فِلس" جو جمع. پئسا. پيسو ڏوڪڙ.

فَليتو؛ ذ (ف) وَٽِ (بتي، ڏيي وغيره جي). پليتو.

فَمُ؛ ذ (ع) وات- مُک- دهن.

فَنُ؛ ذ (ع) هُنر- صنعت. ڪاريگري. ڄاڻ. تجربو. ڪرتب. ڪسب- ڌنڌو.

فَنڪارُ؛ ص. هنرمند. ڪاريگر.

فَنا؛ ث (ع) موت- نيستي. (ص) عدم وجود- نابيد. برباد- ناس- ڇٽ. گم.

فنا في الشيخ؛ ذ. تصوف ۾ هڪ منزل جنهن ۾

مريد پنهنجي مرشد جي ذيان ۾ غرق ٿي ويندو آهي.
فَنا في الله: ذ. خدا تعاليٰ جي ذيان ۾ غرق رهڻ جي منزل.
فِنجان: ث (ع) ننڍي پيالي.
فَندُ: ذ (ف) فريب- ٺڳي- مَڪر- دوکو. (انگ) سرمايو- پُونجي. چندو. مقرر رقم.
فَوارَه: ذ (ع) ڦوهارو.
فَوائد: ذ (ع) "فائده" جو جمع. فائدا- نفعا.
فَوتُ: ذ (ع) موت. نيستي. فنا. گمشدگي. (ص) نيست- گم. وڃايل- مُئل.
فَوت ٿيڻ: مري وڃڻ. ختم ٿيڻ. فنا ٿيڻ.
فَوتي: ص. فوت ٿيل- مري ويل- مُئل. (ث) مرڻو- وفاتي.
فُوٽُ: ذ (انگ) ٻارهن انچن جي ماپ.
فُوٽ پَٽي: ث. ٻارهن انچن جي ماپ واري ڪاٺي.
فوٽُو، فوٽو: ذ (انگ) عڪسي تصوير. عڪس. هوبهو نقشو.
فوٽوگرافر: ذ. فوٽو ڪڍندڙ.
فوجَ: ث (ع) لشڪر- سپاهه. گهڻن ماڻهن جو مجموعو- انبوهه.
فوجدارُ: ص. فوج جو عملدار. ڪوتوال.
فَوجداري: ث. فوجدار جي چونڪي. ڏوهن جا فيصلا ڪندڙ عدالت.
فوج ڪَشي: ث. لشڪر چاڙهڻ- ڪاهه.
فوجي: ص. فوج جو سپاهي.
فَورا، فَوري: ظ (ع) يڪدم- جهٽ پٽ- تُرت- جلدي.
فوطو: ذ (ع) خصيو- آنُورو.
فوَقيَت: ث (ع) بلندي- مٿانهين. برتري. ترجيح.
فَولادُ: ذ (ف) سخت ۽ اعليٰ قسم جو لوهه- رُڪ. (ص) نهايت سخت- مضبوط.
فَولادي: ص. رڪ جو ٺهيل. نهايت سخت. مضبوط.
فَهرِستَ: ث (ع) وچور- تفصيل- لسٽ. تفصيل سان سلسليوار لکيل وچور. يادداشت.
فَهمُ: ذ (ع) عقل- سمجهه- دانائي.
فَهم وفَراسَت: ث. عقل سمجهه- سياڻپ- دانائي.
فَهميدو: ص. سمجهو- ڏاهو- سياڻو. هوشيار.
فَهميدگي: ث. عقل- سمجهه. ڌيرج- صبر.
فَهمائِش: ث (ع) سمجهاڻي. تنبيهه- هدايت.
فَهيمُ: ص (ع) عقلمند- ڏاهو- داناءُ.
فِي: ث (انگ) معاوضو- اجرت- محنتاڻو. اسڪول ۾ شاگرد کان ورتل درماهه رقم.
فِي: حرف جر (ع) ۾- منجهه- اندر. جو. سان- ڳڻ.
فِي البَديهه: ظ. فورا- يڪدم- ٺهه پهه.
فِي الحال: ظ. هن وقت- هينئر.
فِي الحَقيقت: ظ. حقيقت ۾- اصل ۾. سچ پچ.
فِي الفَور: ظ. يڪدم- فورا.
فِي الوَقت: ظ. هن وقت- هينئر. فورا- يڪدم.
فِي آمان الله: جملو. خدا جي امان ۾ (موڪلائي وقت جو جملو).
فِي سبيل الله: جملو. خدا جي واٽ ۾.
فِي سيڪڙو: ظ. هڪ سؤ تي.
فِي نَفسه: ظ. پنهنجي ذات کان.
فَياض: ص (ع) سخي. ڏاتار.
فَياضي: ث. سخاوت- دريادلي.
فَيروز: ص (ف) فاتح- سوڀارو. ڪامياب. سڀاڳو.
فَيروزو: ذ (ف) هڪ قسم جو قيمتي پٿر (نيري رنگ جو ٿئي).
فَيروزي: ص. نيلو- نيرو (رنگ).

فيشَنُ: ذ (انگ) طرز- ڍنگ- نمونو. بناوت. لباس جي بيهڪ. رواج- دستور- هلي چلي.
فيصَل: ذ (ع) فيصلو. نبيرو.
فيصِل ڪرڻ: نبيرڻ- فيصلو ڪرڻ. طي، ڪرڻ.
فيصلو: ذ (ع) نياءُ- نبيرو. انصاف- فتوي.
فيضُ: ذ (ع) فائدو- نفعو. ڀلائي- بهتري.
فيضانُ: ذ. نفعو- فائدو.
فيض رسان: ص. نفعو پهچائيندڙ. فائدو ڏيندڙ.
فيض عام: ذ. عام ماڻهن جو ڀلو.
فيض ماب: ص. فائدو پهچائيندڙ.
فيلُ: ذ (ع) هاٿي.
فيلبانُ: ص. هاٿيءَ کي هلائيندڙ- پيلبان.
فيل مَست: ص. مست هاٿيءَ جهڙو. بيپرواهه.
فيل: ص (انگ) ناپاس. ناڪامياب.
فيلسُوف: ذ (يوناني) حڪيم- ڏاهو- داناءُ.
فيلسُوفِي: ث. فلسفو. حڪمت- ڏاهپ- سياڻپ.
فيمِلي: ث (انگ) ڪُٽنب- گهر جا ڀاتي.

ڦ

ڦ: ذ (اُچار "ڦي") سنڌي الف- بي جو اٺيهون اکر.
ڦاٽُ: ذ پاڻيءَ جو وڏو وهڪرو جيڪو درياء مان وهي. ڏارُ- چيرُ (ڀت وغيره ۾).
ڦاٽ ڦاٽڻ: وڏو راز ظاهر ٿيڻ. سازش کُلڻ.
ڦاٽڪُ: ذ. وڏو دروازو. اڪرندڙ رستي لاءِ ريلوي لائين تي لڳل ويڪرو دروازو.
ڦاٽڪ وارو: ص. ريلوي ڦاٽڪ تي مقرر ملازم.
ڦاٽلُ: ص. چيريل (ڪپڙو وغيره). کُليل (وات).
ڦاٽڻُ: مَ. چيرجڻ. چاڪُ ٿيڻ. شگاف ٿيڻ. کُلڻ- ظاهر ٿيڻ. ويڪرو ٿيڻ. ڏاڍي ڳالهائڻ.
ڦاٽوڙو: ص. ڦاٽل (وات). وڏي واڪي ڳالهائيندڙ.
ڦاٽوڙو دُهل: ذ. مُنهن تي چٽي ڏيندڙ. ٻڪ ٻڪيو. دل جو هلڪو (جيڪو دل ۾ ڳالهه رکي نه سگهي).
ڦارَ: ث. ميوي وغيره جو وڍيل ٽُڪر- ڦاش- ڦاڪَ.
ڦارُ: ذ. هَر ۾ لوهي نوڪدار ٽُڪرو (جيڪو زمين کيڙي)- چُوني- ڪهبو.
ڦارُوو: ذ (ف. فالسه) ميوي جو هڪ قسم ۽ ان جو وڻ.
ڦاڙُ: ذ. چيرُ- چاڪُ- شگاف. ڏرڙ.
ڦاڙَڻُ: مَ. چيرڻ. شگاف ڪرڻ- چاڪ ڪرڻ. ٽُڪر ڪرڻ (ڪپڙو). کولي ويڪرو يا وڏو ڪرڻ.
ڦاڙهو: ذ. درياءُ لڳ ٻيلن جو هرڻ مثل هڪ جانور.
ڦاڙها مارڻ: ڏکيو ڪم ڪري ڏيکارڻ (ٺوڪ). رڳو ٻٽاڪون هڻڻ ۽ عملي طرح ڪجهه به نه ڪرڻ.
ڦاسائِڻُ: مَ. ڄار يا ڪوڙڪي ۾ جهلڻ. قابو ڪرڻ. مبتلا ڪرڻ. اڙائڻ- اٽڪائڻ. پڪڙڻ- گرفتار ڪرڻ. قبضي ۾ ڪرڻ.
ڦاسڻُ: مَ. پڪڙجڻ. جهلجڻ. گرفتار ٿيڻ. اٽڪڻ. منجهڻ. قابو ٿيڻ. قيد ٿيڻ. محبت ٿيڻ. ڦِٻڻ. مبتلا ٿيڻ (بيماري وغيره ۾). رنڊجڻ.
ڦاسِي: ث. رسي جو ڦندو جيڪو ڳچيءَ ۾ پوڻ سان گهُٽي ماري. رسي ۾ لٽڪائي مارڻ جي سزا- ڦاهِي.
ڦاڪَ: ث. ڦارَ- ڦاش. جاگرافي موجب زمين جي خيالي

ليک جيڪا زمين کي اڌو اڌ ڪري (ويڪرائي- ڦاڪ، ڊگهائي ڦاڪ).

ڦان: ص. ٿڪل- ماندو. نِسَتو.

ڦانٽ: ث. ورهاست- وِرَڇ. حصو- پَتِي. ڦُوڙي.

ڦانٽڻُ: م. ورهائڻ- ورڇڻ- تقسيم ڪرڻ. حصا ڪرڻ- ڀاڱا ڪرڻ. ڌار ڪرڻ.

ڦانٽِي: ث. ورڇ- ورهاست. حصو- پتي. نفعي جي ورڇ.

ڦانگهو: ذ. سڪل ٽاري- بانگهو.

ڦاهو: ذ. ڦاسي. گهُٽو- گهوگهو.

ڦاهو کائڻ: ڦاسيءَ تي چڙهڻ. مجبور ٿي جڏو يا ڪُڌو ڪم ڪرڻ.

ڦاهِي: ث. ڦاسي. گهُٽو. گهوگهو.

ڦاهِي چڙهڻ: ڦاسيءَ تي چڙهڻ. موت قبولڻ. ڏسي وائسي پاڻ کي موت جي منهن ۾ ڏيڻ.

ڦٻائِڻُ: م. ٻئي جو مال پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ. هڙپ ڪرڻ. پچائڻ- ٻلائڻو ڪرڻ.

ڦٻڻُ: م. ڪنهن شيءِ يا مال مان چڱيءَ طرح حاصلات ٿيڻ. دل گهريو فائدو ٿيڻ. خواهش پوري ٿيڻ. دل تي ٺهڪي اچڻ- ڪُپ ٿيڻ. پِچَڻُ (چُوڙ ۾).

ڦٽِ ڦٽِ: ث. پکين جي اُڏامڻ جو آواز. پکين جي کنڀن هڻڻ واري ڦڙڦڙ. ڦٽڪو. ڦڙ ڦِڙ.

ڦٽڪائِڻُ: م. تڙپائڻ- لُڇائڻ. ايذاء ڏيئي لُڇائڻ.

ڦٽِڪڻ: م. لُڇڻ- تڙپڻ.

ڦٽِڪو: ذ. لوڇ پوڇ- تڙڦٽي. بي آرامي- آنڌ مانڌ.

ڦِٽلُ: ص. چيپل- چِٽيل.

ڦَٽُ: ذ. ڦُرڙي. زخم. ناسُور.

ڦٽ ڦٽڻ: اجايا خرچ ڪرڻ. بي سُود قرض کڻڻ.

ڦٽ جاڳائڻ: سُتل سور ياد ڏيارڻ. تڪليفون ۽ عذاب ياد ڏيارڻ.

ڦٽاڪو: ذ. بارود ڀريل پوپو جيڪو وڏو ٺڪاءُ ڪري. هڪ قسم جي آتشبازي.

ڦٽاڪا ڇوڙڻ: ٻٽاڪون هڻڻ. اجايون ڳالهون ڪرڻ.

ڦِٽائِي: ث. ڦٽائڻ جو عمل. نفاق- انبٽ. خرابي.

ڦٽائِڻُ: م. ڦٽ ڪرائڻ. زخم ڪرائڻ. گهايل ڪرائڻ.

ڦِٽائِڻُ: م. خراب ڪرڻ. ٻاهڻ. تباهہ ڪرڻ. اُجاڙڻ. نفاق وجهڻ. بگاڙڻ.

ڦُٽائِڻُ: م. پَچائڻ- موتمي تان پچائي ڇڏڻ.

ڦٽِ ڦٽِ: ث. ڦٽاڪن جهڙو لاڳيتو آواز. موٽر سائيڪل جو آواز. ڦٽڦٽي موٽر.

ڦٽجَڻُ: م. زخمي ٿيڻ- گهايل ٿيڻ.

ڦِٽرو: ص. تازو توانو. چڱو ڀلو. تازو (ڪير مکڻ وغيره). سٺيو.

ڦِٽڪارَ: ث. ملامت. ڄُٽ ڦِٽ. نفرت- ڌڪار. پِٽ پاراتو. لعنت ملامت.

ڦِٽڪار وسڻ: هر وقت لعنت ملامت ٿيڻ. ڄُٽ ڦٽ ٿيڻ.

ڦِٽڪارَڻُ: م. لعنت ملامت ڪرڻ. پٽ پاراتو ڪرڻ. ڄُٽ ڦٽ ڪرڻ. ڌڪارڻ- نفرت جو اظهار ڪرڻ.

ڦِٽڪو: ذ. جسماني سزا لاءِ هڪ خاص قسم جو چهبڪ. دُرو.

ڦٽڪا هڻڻ: ڪنهن ڏوهاريءَ کي ڪورٽ جي حڪم سان دُرا هڻڻ.

ڦِٽڪِي: ث. هڪ قسم جو پسارڪو وکر.

ڦِٽلُ: ص. خراب. اُجڙ- تباهہ. ڄَميل (کير). ڪرَيل- بگڙيل. ٺهيل (خراب سنگت يا دوستيءَ ۾).

ڦٽلُ: ص. چيريل (ڪاٺي وغيره)- سِيريل. اُپريل (ٻج).

ڦٽڻُ: م. زخمي ڪرڻ- گهائڻ.

ڦِٽڻُ: م. خراب ٿيڻ- بگڙڻ. ڪرڻ. ڊهڻ. تباهہ ٿيڻ.

أجڙڻ. ميسارجڻ (اکر). ڪلفت پوڻ. خراب صحبت ٿيڻ.

ٽِتو ڪرڻ: اپلي ڇڏڻ. پري ڪرڻ. ڇڏي ڏيڻ- ترڪ ڪرڻ.

ٽُتڻُ: م. ڇيرجڻ- سِيرجڻ. أيڙڻ (سلو، پوٽو). نِسرڻ (سنگ). جهلڻ (ٻُور). کُلڻ (گل)- ٽڙڻ. نڪرڻ- ظاهر ٿيڻ. ڀَڄڻ- لِڪي ڀڄڻ.

ٽُٽڻ ڦاٽڻ: وڌڻ ويجهڻ- عيالي اولادي ٿيڻ.

ٽُتي اچڻ: ٻاهر نڪرڻ. ظاهر ٿيڻ. أيڙڻ (سلو).

ٽِتو: ص. ٽِتل. ڊٹل. ويران. غيرآباد. (ذ) غيرآباد علائقو يا ميدان. گهوڙي جو پنڌ ۾ ڪار. سنڌو دريا جو هڪ اڳيون وهڪرو.

ٽُتي وڃڻ: نڪري وڃڻ. ڀڄي وڃڻ.

ٽُتي: ث. ڪپهہ جو ٽُتل گوگڙو. گوگڙي مان نڪتل ڪپهہ (ڪڪڙن سوڌي). مکڻ جي ڦري. ڏوٺري يا مکڻ جو ڦرو.

ٽُتيوڻ: ث. وڏڻ مان نڪتل ڪپهہ (جنهن مان ڪڪڙا نڪتل نہ هجن).

ٽِتِ: ث. ملامت. ڇِٽ. حيف. لعنت.

ٽِت ٽِت: ث. لعنت ملامت- ٿُڪ ٻُجو.

ٽِتڪارَ: م. لعنت ملامت. ڌڪار- نفرت.

ٽِتڪار وَسڻ: لعنت وسڻ. خواري ٿيڻ. نفرت جو اظهار ڪرڻ. ڌڪارڻ.

ٽِتڪارَڻُ: م. ٽِتڪارڻ. لعنت ملامت ڪرڻ. ڇِٽ ڪرڻ. ملامت ڪرڻ.

ٽَچُ: ذ. گهاءُ- زخم. ٽَٽُ. وڏُ- چيرُ.

ٽَدو: ص. ڏندن ڀِگل. جنهن کي ڏند نہ هجن- ڀِڏو.

ٽَدَو: ذ. هڪ قسم جو ننڍڙو پکي (ث. ٽِدي)- ٽُوسي پکي.

ٽِڏُ: ذ. ڏنگُ- وَرُ. گهٻ.

ٽَڏو: ذ. شِڳاف- چيرُ. معاملو- جهيڙو. اٽڪاءُ- رنڊڪ (ڪم ۾). رولو.

ٽَڏائي: ث. ٽَڏو ڪندڙ. جهيڙاڪ. فسادي.

ٽَڏي باز: ص. ٽَڏائي. جهيڙاڪ.

ٽِڏو: ص. ڏنگر ٽيڙو. آڏو- ترڇو. ونگو- وريل. جنهن ماڻهو جو پيرُ ٽِريل هجي (ءِ منڊڪائي هلي).

ٽَرُ: ذ. ٽَلُ- ميوو. جانور جو ٻچو. ڪاٺيءَ يا ڪَپ جو ڌارَ وارو حصو.

ٽَرُ ڪِکرُ: ذ. چؤپائي مال جو ننڍو ٽَرُ. ٻار ٻچو.

ٽَر ڇنڊڻ: ڪچو ڳِپ ڪيرائڻ (چؤپايو مال). ٻار ڪيرائڻ.

ٽَرَ: ث. زوري ڪسڻ جو عمل- ڪَسَ- لَٽَ.

ٽَرائِڻُ: م. چوپائيءَ کي لڳ ڪرائڻ- ميڙائڻ.

ٽُرائِڻُ: م. ڪَسائڻ. هٽان وڃائڻ. لَٽائڻ. ٽُرَ ڪرائڻ.

ٽِرتي گهِرتي: ث. أٿل پٿل. انڪار اقرار. بدل سدل.

ٽَرجَڻُ: م. ٽَر جهلڻ (وڻ)- ٻُورجڻ. لڳُ ٿيڻ. پيٽ سان ٿيڻ.

ٽُرجڻ: م. لَٽجڻ. ڪَسجڻ. ٽُرجي وڃڻ.

ٽِرڙائِڻُ: م. ٽيرائڻ- گهُمائڻ (اکيون).

ٽُرڙي: ث. ملي سبب بدن تي ننڍو ٽَٽُ. ننڍو ٽَٽ.

ٽِرڪَ: ث. ٽيرو. عضوو. حواس.

ٽِرڪَ ٽِرڻ: ٽيرو ڪاٺڻ. حواس خطا ٿيڻ. عقل چرخ ٿيڻ.

ٽُرڪائِڻُ: م. ڏڪائڻ- ڪنبائڻ.

ٽُرڪَڻُ: م. ڏڪڻ. ڪنهن عضوي جو ڏڪڻ (جيڪو سوڻ سمجهيو وڃي). ڪنبڻ.

ٽُرڪڻي: ث. ڏڪڻي- ڪنبڻي- ٽڙڪڻي.

ٽِرڪو: ذ. ماحول- وايومنڊل. ڊول. هلت چلت.

ٽِرڪو ٽِرڻُ: ماحول بدلجي وڃڻ. ارادي ۾ تبديلي اچڻ. خيال بدلجڻ.

ڦِرمِوٽي: ث. هڪ قسم جو ٻاراڻو رانديڪو (جيڪو ڪاٺ مان ٺهيل لاٽوءَ وانگر ڦري).

ڦَرڻُ: م. ڦل ڏيڻ. فائدو ڏيڻ. لڳ ڪرڻ (جانور). ڦرڪڻ (اک).

ڦِرَڻُ: م. گهمڻ- چڪر ڪاٽڻ. دائري ۾ هلڻ- گردش ڪرڻ. موٽڻ- ورڻ. اُٿلڻ. بدلجڻ. باغي ٿيڻ- مخالف ٿيڻ. انڪاري ٿيڻ. گمراه ٿيڻ. موڙ ڪاٽڻ. مُڙڻ. ڦيرو ڪاٽڻ. ڦِڏو ٿيڻ.

ڦِرِ گِهرِڻُ: تبديل ٿيڻ- بدلجڻ.

ڦِرِي اچڻ: گهمي اچڻ- موٽي اچڻ. موڙ ڪاٽڻ. گهمرو ڏئي اچڻ. مُڙي اچڻ.

ڦِرِي وڃڻ: برخلاف ٿيڻ. باغي ٿيڻ. ڳالهه يا قول کان هٽڻ. انڪاري ٿيڻ.

ڦِرِڪي: ث. چرخي. ڦرموٽي.

ڦَروٽُ: ذ. ننڍي جمار جو ڦُرُ. ننڍو ٻارُ.

ڦِروڙي: ث. ڦِرڙي.

ڦَرَهو: ذ. ڌوٻين جي ڪپڙن ڌوئڻ جو تختو. تختو- پاٽيو. ٽارو (ٻهاري طور ڪم اچي).

ڦَرِهي: ث. ڪاٺ جي پَٽِي- تختي. ڪنيارڪي ڪم جي ٺپڻي. ڪيلي جي ڦري. مٽرن وغيره جي داڻن واري سائي ڦَرِي.

ڦَرِي: ث. مٽرن جي ٻجن وارو تازو ڦرُ. ڪيلي جو ڦرُ.

ڦَريو: ذ. ٽاري (جنهن سان ٻهارو ڏجي). ٻهارو- ٽارو.

ڦُڙ: ث. پُل (واهه وغيره مٿان لنگهڻ لاءِ).

ڦَڙباٽ: ث. ٻٽاڪ. لباڙ.

ڦَڙباٽِي: ص. ٻٽاڪي- لباڙي.

ڦُڙتُ: ص. چُست- چالاڪ. جلدباز.

ڦُڙتائي: ث. چُستي- تيزي. جلدائي.

ڦُڙتي: ث. چستي. چالاڪي. جلدائي.

ڦُڙتيلو: ص. چُست. جلدباز. تيز. هوشيار. چُڙت.

ڦِڙتي: ث. ڦيراٽي. گوهي. پير جي آڏڙي (جنهن سان ماڻهو ڪري پوي)- آنگڙو- آڙِي. وڪڙ واري ڳنڍ (سِرڪڻ ڦاهي وانگر).

ڦِڙتي ڪاٽڻ: گوهي ڪرڻ. انجامَ تان ڦرڻ. ڦيرو ڪاٽڻ.

ڦَڙتي هڻڻ: پير جي آڏڙي ڏيڻ. ڦِري وڃڻ. رنڊڪ وجهڻ.

ڦُڙدو: ذ (ع. فرضه) دريا. واهه وغيره تان اُڪرڻ لاءِ پُل.

ڦَڙ ڦَڙِ: ث. هوا ۾ ڪپڙي جو آواز. جهنڊي يا بيرق جو آواز. اُڏامڻ وقت پکين جي پَرن جو آواز.

ڦَڙ ڦَڙ ڪرڻ: پَر هڻڻ. آواز ڪرڻ. ڪوشش ڪرڻ. لباڙ هڻڻ. اجايو ڳالهائڻ.

ڦُڙ ڦُڙِ: ث. ٻُوند ٻُوند (مينهن جي)- سنهون مِينهن- ڪٽيُون.

ڦَڙلوٽِ: ث. ڊوڙ ڊڪ. ڳولا ڦولا. مانڌاڻ. ٽاڪوڙو.

ڦِڙڪَ: ث. پکيءَ ڦاسائڻ لاءِ ڦِندو. ڪوڙڪي.

ڦَڙڪائِڻُ: م. جهنڊو بلند ڪرڻ. آواز ڪڍائڻ. ويڙهائڻ (ڪُڪڙ).

ڦَڙڪَڻُ: م. ڌڪڻ- ڪنبڻ. هوا ۾ لُڏڻ (جهنڊو). ڪنبي هڻڻ. وِڙهڻ (ڪڪڙ). هٿ پير هڻڻ. ڪوشش ڪرڻ. خوشيءَ مان بيتاب ٿيڻ.

ڦَڙڪِي: ث. ڌڪڻي- رڦڻي (سياري ۾ مينهن ۽ سيءَ سببان). ڌمڪاءُ (واري ڊپ کان).

ڦَڙڪو: ذ. ڪتاب جو پوش (جُلد تي). پٺڪو. پڙدو.

ڦُڙو: ذ. ڦيپو- قطرو- بوند.

ڦَڙهُ: ذ. "ڦيش" ٻُوٽي جو ٽارو يا پَنُ- ڦرهو.

ڦَڙهه ٿيڻ: ٿڪجي بيحال ٿيڻ. ساٺو ٿيڻ. مانداٺي کان پنجي رهڻ.

ڦُڙي: ث. ٻُوند- قطرو- ڦيپو.

ٽڙيون: ث. ٻُوندون (برسات جون)- ڦڙيون.

ٽڙيون پوڻ: سنهون مينهن وسڻ- ٻُوندون پوڻ.

ٽسٽو: ذ. فيصلو (وهنوار جو). معاملو- نبيرو.

ٽسٽو چڪائڻ: معاملو نبيرڻ. ڏَني وٺي اَجو ٿيڻ.

ٽُسڙاٽ: ذ. ڪَنَ جون ڳالهيون- سُس پُس.

ٽسڙائڻ: م. ڏُٽارڻ- برغلائڻ.

ٽُسُ ٽُسُ: ث. هلڪي آواز ۾ ڳالهاءُ. سُس پُس. ڪَنَ جون ڳالهيون.

ٽُسُ ٽُسُ ڪرڻ: آهستي ڳالهائڻ. ڪَن جون ڳالهيون ڪرڻ.

ٽِسڪِڻو: ص. تِرڪڻو- ڳِسڪڻو. سَنڙيو- سِڪڻو. (ث. ٽِسڪڻي).

ٽُسڪو: ذ. هلڪو آواز. آهستي ڳالهاءُ.

ٽُسڪا هڻڻ: ڪَن جون ڳالهيون ڪرڻ. گلائون ڪرڻ. لائي چائي ڪرڻ.

ٽَسڻُ: م. چيچجڻ. چِٽجڻ. زور يا دٻاءُ سان ڦيهجي پوڻ.

ٽُسڻُ: م. زوري اندر وجهڻ. دٻي ڀرڻ. ڏَٽي ڀرڻ. گهوچڻ. دٻڻ.

ٽسو: ص. بي زورو. هيڻو. ڦيڻو.

ٽشرجڻُ: م. ڪاوڙجڻ. تڪرار ڪرڻ.

ٽشري: ث. تڪرار. ضد- ڪينو- ٽڪري.

ٽُڦاٽُ: ذ. ٽُڦيءَ جو پُٽ (ث. ٽُڦاٽِ)- ڦُٽاٽ.

ٽِڪڙُ. ٽِڪِڙُ: ذ. سِيني اندر هڪ عضوو (جنهن سان ساهه کڻجي).

ٽِڪڙَ ڏڪڻ: هراس ٿيڻ. ڊپ ٿيڻ. تمام گهڻو ڊڄڻ.

ٽِڪِڙي: ث. ٽڪڙن جي سوڄ جي بيماري. ٻڪرين جي هڪ بيماري.

ٽِڪڙي لڳڻ: بيماري يا هراس سبب اُڃ لڳڻ. خشڪي چڙهڻ. ڊپ ۾ ڏڪڻي وٺڻ.

ٽُڪڙُ: ذ. ٽُڦيءَ جو مڙس.

ٽَٽڪڻُ: م. پاڻي وغيره ٽهڪڻ وقت ٻاڦ جو آواز ٿيڻ. ٽهڪڻ- ٻَڙڪڻ- اُٻرڻ.

ٽَٽڪو: ذ. اوٻارو- ٽهڪو- ٻَڙڪو.

ٽِڪي: ث. ٻيءَ جي پيڻ.

ٽَڪُ: ذ. وات ۾ وڌل ٻُوري يا سفوف جي لپَ. ٽڪيءَ وغيره جي لپ. هڪ ئي وقت وات ۾ پهچي سگهندڙ شيءِ جو انداز.

ٽَڪَ هڻڻ: لپون ڀري وات ۾ وجهڻ. ٻُڪ سان کائڻ.

ٽِڪائي: ث. هيڊاڻِ- پيلاڻِ. شرمساري- لڄ.

ٽِڪائي وندرائڻ: شرمندگي کي لڪائڻ جي لاءِ ٻيون ڳالهيون ڪرڻ.

ٽِڪَٽ: ث. کِلکِل- کِٽ ٽِٽ. چِڪتاڻ. خواري- بدنامي.

ٽَڪرائي: ث. سوڪڙ (زمين جي). ماحول جي واڪائي.

ٽِڪِرو: ص. تورو سُڪل- اٻوڪو (ڪپڙو). تازو توانو. واڪو.

ٽِڪَڙُ: ص. ڪُتل- جُوڪو. هَٽ ڦار- فضول خرچ.

ٽِڪڙباز: ص. ڪُتل- فضول خرچ.

ٽڪڙُ ٽاڙڻ: اصليت ظاهر ڪرڻ. راز پڌرو ڪرڻ.

ٽِڪِڙي: ث. بڪواس. بداخلاقي. خواري. گهٻي- ڪينو. (ث) پٺيان لڳي پوندڙ- جند نه ڇڏيندڙ.

ٽِڪِڙي ٻڌڻ: خواري ڪرڻ. آزار مچائڻ. وري وري چوڻ- ستائڻ.

ٽَڪڻُ: م. ڪا دوا هٿ جي ترِيءَ تي رکي وات ۾ وجهڻ. جهٽ پٽ کائڻ. اُڏائڻ (دولت).

ٽُڪو: ذ. لپ ۾ آيل مقدار- ٽُڪُ.

ٽُڪا هڻڻ: جلد کائڻ. لُپون ڀري کائڻ. گهڻو کائڻ.

ٽِڪو: ذ. هڪ رنگ جو نالو- هيڊو- پيلو. (ص) هلڪو (رنگ). بي رونق. بي سَواد (جنهن ۾ لوڻ نه هَجي). ڪومايل (مُنهن). اُداس. شرمندو- لڄي.

(ث. ڦِڪي).

ڦِڪو ٿيڻ: شرمساري يا ڊپ سبب منهن جو رنگ هارجي وڃڻ- پيلو ٿيڻ- هيڊو ٿيڻ (مُنهن). شرمندو ٿيڻ- لڄي ٿيڻ.

ڦِڪي: ث. حڪيمن جي دوا. ٻُورو يا سفوف جيڪو ترِي تي رکي وات مان ڦڪجي. ٻُڪي جو هڪ قسم.

ڦَڳڻُ: ذ. سنبت سال جو ٻارهون مهينو (جيڪو عموما فيبروري يا مارچ ۾ اچي).

ڦَلُ: ذ (سن) ڦرُ (وڻ جو اوبڙ جو). ميوو- ثمر. نتيجو. فائدو- عيوض- اجر.

ڦلدائِڪُ: ص. ميوي دار. فائديمند.

ڦل مِلڻ: نتيجو ملڻ. عيوض ملڻ. ڪِئي جي سزا ملڻ. نفعو ملڻ.

ڦُلُ: ذ (سن) گُل- ڦُول. ڀرت ۾ ڪم ايندڙ سٽ پٽ جو گُل. ٽوپيءَ جو ٽُڙنر. نڪ يا ڪن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه. تعويذ- تائتُ. منديڙي جو گُل. حيض- ماهواري.

ڦُل چُوندڻ: شاديءَ جي هڪ رسم موجب لانئن کان پوءِ گهوٽ جو ڪنوار جي مٿي تان ڪپهه جا ڦُڙا چوندڻ.

ڦُلا: ذ. جوئر يا مڪائي جا ڀُڳل دالا (جن جو اندريون ڳڀ ڦاٽي گُلن جو ڏيک ڏئي).

ڦُلارجَڻُ: م. ڦِڙڻ (ٻُور، گُل). باهه ۾ وڌل شيءِ ڦدجڻ (جِئن ڦِٽڪي، جست وغيره ڦُلارجي). اندر جي گرمي سبب وات ۾ ڦلڪا ٿيڻ.

ڦُلارَڻُ: م. ڪنهن وڻ جو ٻُور جهلڻ. گُلَ جهلڻ.

ڦُلانِي: ث. مڙس مري ويل عورت- رن زال (جنهن کي ڦُلَ ايندا هجن).

ڦُلڙِي: ث. ننڍڙو ڦُل يا گُل. اَڪ جو گُل. هڪ قسم جو ڳهه (نڪ يا ڪن ۾ پائڻ جو). ڀرت جو هڪ نمونو.

ڦُلڦُليو: ص. ٻن رنگن جي ڇِٽن وارو (ڪڪڙ، گهوڙو وغيره).

ڦُلڪارِي: ث. ڪپڙي يا کاٽ تي گُل ڦُل ٺاهڻ جو ڪم. ڪپڙي جو هڪ قسم.

ڦُلڪو: ذ. تئي تي پڪل سنهي ماني- چپاتي.

ڦِلنگِي: ص. يورپ جو رهاڪو- فِرنگي.

ڦُلڪو: ذ. گرميءَ يا گاٽ سبب جسم تي ٿيل ڦوڪيندو- ڇِلڪو.

ڦُلڪا پوڻ: ڇُلڪا پوڻ. سخت تڪليف ڏسڻ.

ڦُلو: ذ. جوئر مڪائي جو ڀُڳل دالو. اکين جي هڪ بيماري- اک جي تاري ۾ ٿيل اڇو ٽِڪو. ڏيي جي وٽ جو سڙيل حصو. دکيل ڀيڙيءَ جي رک.

ڦُلو: ذ. تاس جي ڇئن شڪلين مان هڪ شڪل (جيڪا گل جهڙي ٿئي).

ڦُلوارِي: ث. باغيچو- چمن.

ڦُلورَ: ث. ڳولا. ڪندير (ٽپڙن جي).

ڦُلورَ وجهڻ: ڳولا ڦولا ڪرڻ. سامان يا ٽپڙ ٽاڙي ڪنديرڻ.

ڦُلورَڻُ، ڦُلهورَڻُ: م. ڪنهن شيءِ جي ڳولا ۾ سڀ ٽپڙ هيٺ مٿي ڪرڻ (پيتيءَ يا هَڙ ۾). ڳولڻ. پڪيڙڻ. ڪنديرڻ.

ڦُلولو: ذ. ڦُلڪو- ڇالو- ڦوڪيندو.

ڦُلهارَ، ڦُلهيارَ: ث. ڇارَ- رک- ڪيري.

ڦِلهو، ڦِلهڙو: ص. ڦيڪو. ايرو- ڪمزور. بي همت. ڀرو- ليلهڙ. ڊڄڻو. نرم- ڪونئرو. سست- ٽوٽي. (ث. ڦِلهڙي).

ڦُلهيارِ، ڦُلهيرَ: ث. رک- ڪيري- ڇارَ.

ڦُلهيار ۾ ڦوڪون ڏيڻ: اجائي ڪوشش ڪرڻ. بيفائدي محنت ڪرڻ.

ڦُلِي: ث. ننڍڙو ڦُل. اک جي ڦُلڙي. ڄانيي جو گُل. ڪپڙي تي ڀرت ڀريل گُل. نڪ ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه.

ٿاڦيل گيهہ مان نڪتل گٿو. ڪلراٺي زمين تي لوڻ جو تهہ. سوِيا ڪار.

ڦلي ڏيڻ: هُشي ٿيڻ- ٽِيڪَر ڏيڻ.

ڦِليلُ: ذ. گلن جو عرق ملايل تيل. خوشبوءِ- سُرهاڻ- عطر.

ڦليلي: ث. اڳوڻي دور ۾ حيدرآباد ضلعي مان وهندڙ هڪ ڦاٽ (جنهن جي ڪناري تي باغات ۽ گل ڦل هجڻ سبب اهو نالو مشهور ٿيو). موجوده وقت ۾ هڪ وڏي واه جو نالو جيڪو ڪوٽڙي براج وٽان پاڻي کڻي.

ڦِنجهو: ص. ٿنگن ڦِريل (ماڻهو يا جانور). (ث. ڦِنجهي).

ڦندُ: ذ. ڄارُ- دام. فريب- مڪر.

ڦندُ پکيڙڻ: ڄار وڇائڻ. ڍونگ ڪرڻ. حرفت ڪرڻ. ڦاسائڻ جي. ڪوشش ڪرڻ.

ڦندَڻُ: ذ. سوٽي يا ريشمي ڌاڳن جو گُل (جيڪو ٽوپين، تسبيحن وغيره ۾ وجهجي)- ٽُڙنر.

ڦندو: ذ. سِرڪڻ ڦاهي. رسي ۾ ڳنڍ ڏيئي ڦاسائڻ لاءِ ٺاهيل ڳٽُ. مڪر- فريب.

ڦندي ۾ ڦاسڻ: مشڪل ۾ ڦاسڻ. تڪليف ۾ پوڻ. فريب ۾ اچڻ.

ڦندِجَڻُ: م. ڦُوڪجڻ. پرجڻ (هو اسان). وڏائي ٿيڻ. آڪڙجڻ. سيٽجڻ.

ڦندِرَ: ث. وهڙي جو گوشت. ڪوس لاءِ ڳٿُون.

ڦِندِڪَ: ث (ف. فِندق) ٺُونگو (آڱر سان). اشارو.

ڦندَڻُ: م. ڦُوڪڻ- پَرڻ (هوا سان). سِيٽڻ- آڪڙڻ. سُجڻ. وڏائي ڪرڻ.

ڦندي: ص. ڦر نہ ڏيندڙ مادي.

ڦُنديَلُ: ص. سُوڄل- سوڄ وارو. آماسيل. ڦُوڪيل.

ڦنگِي: ث. برسات تي ٿيندڙ هڪ قسم جو اوڙ. گوُنچ. ڪُنڀِي (اوڙ).

ڦنگهہُ: ذ. ڪَنڀُ- پَرُ.

ڦِنگهو: ص. پَنڙو- ڇڊو- پاڻيءَ جهڙو. (ث. ڦِنگهي).

ڦَنُ: ذ. نانگ جو مٿي وارو حصو (جيڪو مستيءَ ۾ ڦندجي). پير جو اڳيون حصو- پب.

ڦَنُ ٻڌڻ: ڪنهن وهٽ جي ڦر جو کير ڏاڻن ڇڏي گاهہ کائي مچڻ.

ڦڻوٽو: ذ. وڏي ڦڻي- ڪَنگهو. ڪاٺ مان ٺهيل ڦڻي (جنهن کي ٻنهي پاسي ڏندا ٿين).

ڦڻي: ث. وارن کي سنوارڻ جو اوزار- ڪَنگهِي. ڪورڪي ڪم جو هڪ اوزار (تاڃي ۾ پيٽي کي پچائيندڙ اوزار). ڪُلهي جي پٺيءَ وارو ويڪرو هڏو.

ڦڻي ڦوڪارو: ذ. هار سينگار. ناهہ ٺوهہ (بدن جي).

ڦڻيگرُ: ص. ڦڻيون ٺاهيندڙ.

ڦوٽ: ث. جدائي- علحدگي. ابٽت- نفاق. درز- شگاف- چِيرُ.

ڦوٽ پوڻ: ابٽت ٿيڻ. جدائي ٿيڻ. نفاق پوڻ. جهيڙو ٿيڻ. سِيرَ پوڻ- چِيرُ پوڻ- درز پوڻ.

ڦوٽُ: ذ. سڏ جو ڌڪار وارو جواب.

ڦوٽارَڻُ: م. ڦاڙڻ (اکيون)- دوڌا ڪڍڻ.

ڦوٽانو: ذ. ڪنوارتين طرفان ڳايل ڪِل پوڳ وارو هڪ قسم جو ڳيچ.

ڦوٽِڙي: ث. پوٽلي- ڳوٿري. ٻُچڪي.

ڦوٽو: ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم. ايلاچي (ٻہ قسم: ننڍو ڦوٽو، وڏو ڦوٽو). ڇڪي يا پنير جو داڻو. پاڻيءَ جو ٻوڙيو- حباب. مڇيءَ جي هوا پريل ڳوٿري.

ڦوٽهڙو: ذ. ٻج يا گاه وغيره جو اوڙ.

ڦودنو: ذ (ف. پودينہ) هڪ قسم جو خوشبودار اوڙ (جنهن مان جَوهَر جو سَتُ نڪري). جسم جو پولهہ وارو حصو.

ڦودني جي ٽِڪي؛ ث. ڦودِني جي جوهر مان ٺهيل ٽڪيون.

ڦودني ۾ وهڻ؛ مغز ۾ وهڻ– سمجهہ ۾ اچڻ.

ڦورَ؛ ث. سڳنڌ (گلن جي).

ڦورو؛ ذ. اوبري تي ويڙهيل سُٽ. سُٽ جو ويڙهو.

ڦورو ڦولهَڻ؛ منجهيل سُٽ کي سلجهائڻ. راز کولڻ. ڳجهہ پڌرو ڪرڻ.

ڦورُو؛ ص. ڦُر ڪندڙ. راهزن. واٽ تي ڦُرلٽ ڪندڙ.

ڦورِي؛ ث. سُٽ جي ننڍي ويڙهي.

ڦوڙُ؛ ذ. ڦوٽَ. ڏارُ– چيرُ. جبل جي گهار (ڦاٽ).

ڦوڙاٽُ؛ ذ. وڏي ڦارُ جو ٽُڪر. چيريل ڦارُ. ڳرو ڪاٺ.

ڦوڙالِي؛ ث. ڪهاڙي سان ڦوڙيل يا چيريل ڪاٺي.

ڦوڙاڻو؛ ذ. وڇوڙو– جدائي– فراق. جدائيءَ جو ڏک.

ڦوڙَڻُ؛ مر. ٽڪر ٽڪر ڪرڻ (ڪاٺيون)– ڦارڻ (ڪهاڙي سان)– چيرڻ. آنن مان ٻچا نڪرڻ.

ڦوڙِي؛ ث. حصو– پَتي. ونڊ– ورڇ. حصي پتي ذريعي جمع ٿيل رقم. چندو.

ڦوسَ؛ ث. مقعد مان بنا آواز جي خارج ٿيل پيٽ جي هوا.

ڦوساڻِجَڻُ؛ مر. ڪاوڙجڻ– آڪڙجڻ. رُسڻ.

ڦوسِڙِي؛ ث. ڪُوڙو ٺـٺـاڪـو (جيڪـو ٺـڪاءُ نـہ ڪري). ننڍڙو ڦوسي پڪيءَ.

ڦوسو؛ ذ. چيٺو– بوسو.

ڦوسِي؛ ث. ڦوس.

ڦوڦِيندو؛ ذ. ڦُلٺو– چُلٺو.

ڦوڪُ؛ ذ. مقعد.

ڦوڪَ؛ ث. وات مان زور سان ڪڍيل هوا. دَمُ. ساهُ. حُقي چلم يا بيڙيءَ جو سُوٽو. ڦُوندِ– سِيٽَ– آڪڙ.

ڦوڪَ پرڻ؛ بِيڙي يا حقي وغيره مان سُوٽو هڻڻ.

ڦوڪِ ٿِڻ؛ ساهہ نڪرڻ– دم ٽٽڻ– مرڻ.

ڦوڪَ ڏيڻ؛ ڦوڪو ڏيڻ. سُٽس ڏيڻ– واءُ ڏيڻ.

ڦوڪون ڏيڻ؛ وات مان زور سان هوا ڪڍڻ. دڙڪا ڏيڻ. ٻٽاڪون هڻڻ.

ڦوڪارَڻُ؛ مر. ڦوڪ ڏيڻ. شُوڪارڻ. ڦُوڪارو هڻڻ. ٽيٺو وغيرہ پڙهي ڇُوڪارڻ.

ڦوڪارو؛ ذ. شُوڪارو. ٺڏو ساهہ. ٽيٺي وغيرہ جي ڦوڪَ. ڪاڪڙي جو ساٽ– ڦُوڪو.

ڦوڪارو هڻڻ؛ گهوڙي جو زور سان ساهہ ڪڍڻ يا ساهہ جي هوا ڇڏڻ– ڦُونگهارو هڻڻ.

ڦوڪَٽُ؛ ذ. مفت جي شيءِ. مقصد– ڦوڪ.

ڦوڪٽ ۾؛ ظ. مفت ۾– اجايو– بي فائدو. خواہ مخواہ.

ڦوڪَڻُ؛ مر. ڦوڪ ڏيڻ. ڀرڻ (هوا). سِيڱڻ. جلائڻ– ٻارڻ (باهہ). اُڏائڻ– تباهہ ڪرڻ.

ڦوڪي ڇڏڻ؛ اُڏائي ڇڏڻ. تباهہ ڪرڻ. فضول خرچي ڪرڻ.

ڦوڪِڻو؛ ذ. ڦوڪ سان هوا ڀرڻ لاءِ رٻڙ جو غبارو. بوڙيو– حساب.

ڦوڪِڻي؛ ث. ڦوڪڻ لاءِ ڏگهي پوري نلي (عام طرح سوناري ڪم جو اوزار).

ڦوڪو؛ ذ. وات مان زور سان هوا ڪڍڻ– ڦُوڪَ.

ڦوڪا ڏيڻ؛ ڦوڪون ڏيڻ. برغلائڻ– آٻارڻ.

ڦوڳُ؛ ذ. رس نڪرڻ بعد بچيل مواد (جئين ٿاڌل يا ڀنگ جو جوڳ)– جوڳُ. ناڻقي ۽ ڏبُ ڪان سواءِ ڪاٺو. اٽي جو ڇاڻُ. ڪمند جو ڇُوٽو. هڪ قسم جو ٻُوٽو. (ص) اليو (ڪاٺو).

ڦوڳِلي؛ ث. ڦولهڙي– پولڙي.

ڦولُ؛ ذ (سن. ڦُل) گُل– ڦُل.

ڦولبَندِي؛ ث. هٿ ناٽ– اٽڪل بازي– چَتراڻي. چالاڪي.

ٺولڙو، ٺولهڙو: ذ. اُٺ جو پولڙو. گڏهه گهوڙي وغيره جو ليڏوٺو.

ٺولڙي، ٺولهڙِي: ث. رڍ، ٻڪري وغيره جي پولڙي.

ٺولڻُ، ٺولهڻُ: م. ٺلورڻ- گهٽي سامان مان ڳولڻ. کنديرڻ- پکيڙڻ.

ٺولڻُ: م (سن) گُل ٺل ڪڍڻ (وڻ، ٻوٽو). ٺلارجڻ. گونچ ڪڍڻ.

ٺونڊا: ذ. (ٺونڊو= ذرو، سُٽ جو تندو، پاندو. هميشه جو جمع ۾ ڪم ايندڙ). سُٽَ جا ذرا- اوچي مان نڪتل پوچڙ وارا ڌاڳا- پاندا- ڏهيون.

ٺونڊا ٺونڊا ڪرڻ: ذرا ذرا ڪرڻ.

ٺونڊِ: ث. ٺوڪَ (هوا جي). سِيٽ- آڪڙ. وٺائي- ٺانءِ.

ٺونڊجَڻُ: م. آڪڙجڻ. ٺوڪجڻ. سِٽجڻ. وٺائي ڪرڻ.

ٺون ٺون: ث. نفرت يا ڪاوڙ ۾ نڪ مان ڪڍيل آواز. نانگ جون ٺوڪون. جانور جو ڪاوڙ مان ڪيل آواز.

ٺون ٺون ڪرڻ: ناراض ٿيڻ- ڪاوڙ ڪرڻ. ڌڪار ڌيڪارڻ. ٺوڪون ڏيڻ.

ٺونگارو، ٺونگهارو: ذ. گهوڙي جو ٺوڪارو.

ٺوهه: ذ. اوچ- بلندي. تازگي (جوانيءَ جي).

ٺوهارو: ذ (ع. فَوارہ) پاڻيءَ کي مٿي اُڇليندڙ ٺانءُ نل وغيره. سنهين ٻوندن ۾ پاڻي اڇليندڙ ٺانءُ. لارنُ ۽ ٻوندن ۾ مٿان ڪرندڙ پاڻي.

ٺهِ: ث. ڪنهن ڳري شيءِ جي ڪرڻ جو آواز.

ٺهه ٺهِ: ث. لاڳيتو ڌڪن هڻڻ جو عمل ۽ آواز- ٺهڪو.

ٺهڪَڻُ: م. ٺهڪي سان لڳڻ (ڌڪ). ڪُپي اچڻ- ٺهڪڻ. لڳڻ (ڌڪ).

ٺهڪو: ذ. ڌڪ لڳڻ يا زور سان ڪرڻ جو آواز. سٽڪو.

ٺهلاءُ: ذ. پکيڙ. مشهوري. وڌاءُ. ٻيگهه- طوالت.

ٺهلائِڻُ: م. پکيڙڻ- کِنديرڻ. ڊگهو ڪرڻ. هُلائڻ (ڳالهه، افواهه).

ٺهلڻُ، ٺهلجَڻُ: م. پکڙڻ. کنڊرڻ. وڌڻ- چوڏاريءَ پَسرڻ (پاڻيٺ).

ٺِهنگ: ث. ٻُوند- ٽيپو- ڦُڙي.

ٺِهي: ث. تِلي (پيٽ جو هڪ عضوو)- تري. اوجهري.

ٺِهي سُڪائڻ: بيزار ڪَرڻ- هلاڪ ڪرڻ. ورچائڻ.

ٺهيارَ: ث. سَنهي مڇي جو هڪ قسم.

ٺهيڙُ: ص. ٺُلهو. تمام وڏو ۽ ٻي ڊولو.

ٺِيٽَ: ث. ريشمي ۽ گُلن واري ڪپڙي جي پَٽي- پانڪَ. ماپ ڪرڻ جي پٽي. ايزاضي ماپڻ جي پَٽي (جيڪا گول ڊبليءَ ۾ بند هوندي آهي).

ٺِيٽو: ذ. چاڪُ (گاڏيءَ وغيره جو)- چيڪلو.

ٺيٽَ (ث)، ٺيٽُ: ذ. سونُ چانديءَ ۾ ملايل مَٽُ (جيڪو ڌاتوءَ کي سخت ڪرڻ لاءِ وجهن). چيٽ- چوٽَ.

ٺيٽارُ: ص. ٺِٽائيندڙ- خراب ڪندڙ. نفاق وجهندڙ.

ٺيٽارو: ذ. ڏٺيڙُ- نفاق. ويڇو. عداوت.

ٺيٺهَڙُ: ص. ٺِٽي ويندڙ (رنگ)- ڪچو (رنگ).

ٺيڻ: ث. لعنت. ڌڪار- نفرت.

ٺيڏَرُ: ص. ڏُڏ گڏيل ڪير. اُهو کير جيڪو اڃان پُوري طرح نہ جاٿو هجي (۽ ڦُٽيون ٿيل هجي).

ٺيرُ: ذ. ڦيرو- چڪر. موڙ- ڏِنگُ. وڪڙ. فرق- تفاوت. فريب- دوکو. تبديلي.

ٺيرُ ٺارُ (ذ)، ٺير ٺارَ: ث. بدل سدل- مَٽ سٽ.

ٺيرگهيرُ (ذ)، ٺيرگهيرَ: ث. مٽ سٽ- بدل سدل. اٿل پٿل. تبديلي.

ڦيرائِڻُ: م. گهمائڻ- چڪر ڏيڻ. گهمائڻ. دائري ۾ هلائڻ. (اُٿلائڻ. موڙڻ. بدلائڻ. خلاف ڪرڻ. پيرڻ (چرخو). گيڙڻ (نار، هرلو). بدلائڻ (رخ).

ڦيرائي ڇڏڻ: بدلائي ڇڏڻ. مخالف ڪرڻ.

ڦيرائي ڏيڻ: موٽائي ڏيڻ. بدلائي ڏيڻ.

ڦيرَڻُ: م. ڦيرائڻ- گهمائڻ- چڪر ڏيڻ. بدلڻ. تبديل ڪرڻ. برخلاف ڪرڻ. موڙڻ. ابتو ڪرڻ. سورڻ (تسبيح).

ڦيرو: ذ. گهُمرو- چڪر- گردش. گولائي. گهيرو. وَرُ- موڙ (رستي جو). طواف.

ڦيرو ڏيڻ: گهمائڻ- ڦيرائڻ. چڪر ڏيڻ. وڪڙ ۾ آڻڻ.

ڦيرو ڪرڻ: گهمرو ڪرڻ- چڪر هڻڻ. وري وري اچڻ. وَرُ ڪرڻ. گشت ڪرڻ.

ڦيري ۾ آڻڻ: چڪر ۾ وجهڻ. گمراه ڪرڻ- برغلائڻ. ڦندي ۾ ڦاسائڻ. قابو ڪرڻ. مصيبت ۾ وجهڻ.

ڦيرِي: ث. گهمرو- چڪر. ڀَنواٽي (مغز ۾). گهوڙيءَ جو گشت- گهورَ. ناچ جو ڦيرو. ڦِرڻ جي ٻاراڻي راند. گدائي. بدماغي- غرور- ٺاٺ. ٻاجهري مال جي هڪ بيماري.

ڦيري اچڻ: مغز ۾ چڪر اچڻ- ڀنواٽي ٿيڻ. مٿو ڦِرڻ.

ڦيرِي پائڻ: پنهنجي چوڌاري ڦِرڻ (ٻاراڻي راند).

ڦيريدارُ: ص. ڦيريون پائيندڙ. در در ويندڙ گهوڙيو. پينو فقير.

ڦيري ڏيڻ: ٻانهن کان جهلي چوڌاري ڦيرائڻ- گهُماٽڙي ڏيڻ. ڀنواٽي ڏيڻ.

ڦيرِي ڪرڻ: گهوڙيءَ جو وڪر ڪٽي چڪر هڻڻ- گهورَ ڪرڻ.

ڦيرِي لاهڻ: ڀنواٽي لاهڻ. مغز مان واءُ ڪڍڻ. غرور ڀڃڻ.

ڦيري ڪائڻ: ڦِري وڃڻ (ڳالهه يا واعدي تان). قبول ڪري پوءِ انڪار ڪرڻ. واعدي خلافي ڪرڻ.

ڦيرِيُون پائڻ: چڪر ڪڍڻ. گهٽي اچ وڃ ڪرڻ. رولڙو ڪرڻ. دربدر ٿيڻ. پريشان ٿيڻ.

ڦيريون گهيرِيُون: ث. بدل سدل. اٿل پٿل. ڦيرڦار. تبديليون. انقلاب.

ڦيڙهُ: ذ. وڏو ٻي ٻولو پٽڪو.

ڦيڙهو: ذ. ڪنڪ يا سارين جي ول جو ڪوڙو.

ڦيسڻُ: ص. ترڪڻو (جنهن تان ماڻهو ترڪي پوي). پوروُ (زمين). نرم.

ڦِيشَ: ث. هڪ قسم جو جابلو ٻوٽو (جنهن جي ٽارن مان تڏا، وِچڻا، ٻهارا، وڻ وغيره ٺهن).

ڦيڪو: ص. ٿُلهي ۽ ٻي زور بدن وارو (ماڻهو)- ڦِلهڙو. ٿُلهو. اُها شي جيڪا اندران پوري هجي. (ث. ڦيڪي).

ڦيڪارِي: ث. هڪ قسم جو جانور- لومڙي.

ڦيڪاري لائڻ: جند نــ ڇڏڻ. وري وري چوڻ. خواري ڪرڻ.

ڦيلهِي: ث. نڪر جي ننڍي ڦاٽ.

ڦينٽو: ذ. پڳ. دستار. رنگين ۽ ڊگهو پٽڪو (جيڪو عموما سردار ٻڌندا هئا).

ڦينڪَڻُ: م. اُچلڻ.

ڦِيِو: ث. گجِي- جهگ. وات مان نڪتل رطوبت- لعاب.

ڦِيڻي: ث. گجِي. لعُاب.

ڦِيٿو: ذ. دعا طور پڙهيل لفظ. ڇُوڪارو (دعا جو).

ڦِيٿو ڇَنڊو: ذ. دعا دوا. ساٿ سَوڻ.

ڦيهِ: ث. ڇِٽَ- ڇِپَ. مار- ڦِچَ. ڏاڍي سيگٽ.

ڦيهِ ڪڍڻ: ڏاڍي ڇپَ ڏيڻ. سخت مار ڪُٽ ڪرڻ.

ڦيهَڻُ: م. ڇِپي اندر جو گُپ ڪڍڻ. ڇِٽَڻ- ڇلهڻ. ڦيهه ڪڍڻ.

ق

ق: ذ (ع) سنڌي الف- بي جو اٺيهون اکر. فارسي جو چوويهون ۽ عربي جو ايڪيهون اکر. ابجد موجب عدد (١٠٠).

قابُ: ذ (ع) مفاصلو- وٿي- وڇوٽي. ڪمان جي ٻن ڇيڙن جي وچ وارو مفاصلو. (ترڪي) وڏي ٿالهي.

قابُ قوسَين: ذ. ٻن ڪمانن جي وچ وارو مفاصلو.

قابض: ص (ع) قبضو ڪندڙ. قبضي وارو- قبضيدار.

قابلُ: ص (ع) لائق- اهل- جوڳو. عالم- فاضل. تجربيڪار- ڏاهو.

قابل اعتبار: ص. اعتبار جوڳو- ڀروسي جهڙو.

قابل اعتراض: ص. اعتراض جوڳو. ناموزون. اڻ سهائيندڙ.

قابل تعريف: ص. ساراهه جوڳو.

قابل توجهه: ص. ڌيان طلب.

قابل ديد: ص. ڏسڻ لائق. سهڻو.

قابل ذڪر: ص. چوڻ جهڙو. ٻڌائڻ جوڳو.

قابل ڪرڻ: هوشيار ڪرڻ. تجربيڪار ڪرڻ. لائق ڪرڻ.

قابليّت: ث (ع) لائقي. لياقت. ڍنگ. هوشياري- ڏاهپ.

قابليت ڏيکارڻ: هوشياري ڏيکارڻ. هنرمندي ڏيکارڻ. فن ڏيکارڻ.

قابُو: ذ (ف) اختيار- وس. (ظ) سوگهو- مضبوط. هٿيڪو- ٻلاٽيو.

قابو ڪرڻ: سوگهو ڪرڻ. قبضي ۾ ڪرڻ. پڪڙڻ- جهلڻ.

قاتلُ: ص (ع) قتل ڪندڙ- خون ڪندڙ. ماريندڙ. معشوق.

قادرُ: ص (ع) قدرت وارو. اختيار وارو- وس وارو. (ذ) خدا تعاليٰ جو هڪ نالو.

قادر مُطلق: ذ. هرڪم ۾ قدرت رکندڙ.

قارورَه: ذ (ع) پيشاب (حڪيمن جو اصطلاح).

قارُونُ: ذ (ع) حضرت موسيٰ جو سؤٽ (جيڪو نهايت امير هو ۽ سندس خزاني جون ڪنجيون چاليهن اُٺن تي کڄنديون هيون).

قارُون جو خزانو: ذ. بي انداز ناڻو- بيشمار خزانو.

قارئين: ص (ع) "قاري" جو جمع.

قاري: ص (ع) پڙهندڙ. قرات سان قرآن شريف پڙهندڙ.

قازُ: ذ (ف) هڪ قسم جو آبي پکي- هنجهه.

قاسِم: ص (ع) ورهائيندڙ- ورڇ ڪندڙ.

قاشُ: ث (ترڪي) ڦار (ميوي جي).

قاشقُ: ذ (ترڪي) چمچو. ڏوئي.

قاصابي: ذ (ع) گوشت پائيندڙ ۽ وڪڻندڙ.

قاصِدُ: ذ (ع) ارادو ڪندڙ- قصد ڪندڙ. پيغام کڻي ويندڙ- نياپو نيندڙ- پانڌي. ايلچي.

قاصِرُ: ص (ع) ڪوتاهي ڪندڙ. مجبور- لاچار.

قاضي: ذ (ع) شريعت مطابق فيصلو ڪندڙ. منصف. نڪاح خوان.

قاضِي الحاجات: ذ. حاجت روائي ڪندڙ. خداتعاليٰ.

قاضِي القُضات: ذ. وڏو قاضي- منصف اعليٰ.

قاعِدو: ذ (ع) اصول. قانون. دستور- رواج. ريت رسم. ڍنگ- طرز- طريقو. ٻارن کي پڙهائڻ لاءِ ابتدائي ڪتاب.

قاعدو ڏيڻ: گهوڙي کي لغام چاڙهي

قاعدو ڪرڻ: اصول تي هلڻ. اصول جو

قاعديدانُ: ص. قانون تي عمل ڪندڙ. قانون ڄاڻندڙ.
قاعدي سان: ظ. اصول سان. قانون سان. آداب سان- فضيلت سان. سلسليوار.
قافُ: ذ (ع) ڪوه قاف جبل. جبل- پهاڙ.
قافِلو: ذ (ع) مسافرن جي جماعت. سوداگرن جو ٽولو. ڪاروان- ساٿ. اُٺن جي قطار.
قافلو ڪَڍَڻ: سختيون سهڻ- سفر جا ڏاکڙا ڏسڻ. ڪشالا ڪڍڻ.
قافِيو: ذ (ع) ٻن يا زياده شعرن ۾ آيل پڇاڙي وارو لفظ (قافيي جون حرڪتون ۽ اُچار ساڳيا هوندا آهن).
قالُ: ذ (ع) جملو. گفتو. مقولو. ڳالهه. زباني پچار ('حال' جو ضد).
قالَ مَقال: ث. ڳالهه ٻولهه- گفتگو. حجت- تڪرار. بحث مباحثو.
قالبُ: ذ (ع. قالب) سانچو- ڪارب. جسم- بدن.
قالِيُ: ذ (ترڪيّ) اُنَ مان نهيل وڏو رنگين غاليچو.
قامَتَ: ث (ع) بيهڪ. هاني- جسم.
قانعُ: ص (ع) قناعت ڪندڙ- ٿوري تي صبر ڪندڙ. سنڌ جي مؤرخ مير علي شير جو تخلص.
قانُونُ: ذ (ع) قاعدو- دستور. آئينُ.
قانُوندانُ: ص. قاعدن جو ڄاڻو. وڪيل.
قانُونگو: ص. قانون جي تشريح ڪندڙ.
قانُونِي: ص. قانون جو- قانون مطابق. اصول پٽاندر. حَقِي- جائز.
قائِدُ: ذ (ع) فوج جو اڳواڻ- سپهه سالار. اڳواڻ.
قائِزو: ذ (ع) گهوڙي کي ٻڌڻ جو هڪ طريقو (جنهن ۾ لغام کي پُڇ يا زين ۾ لڳائبي). قاعدو- بندش.
قائِلُ: ص (ع) مڃيندڙ. تسليم ڪندڙ.
قائل ڪرڻ: لاجواب ڪرڻ. مڃائڻ- تسليم ڪرائڻ.

قائِمُ: ص (ع) بيٺل. برقرار. اُڀو- عمودي. مقرر. پَڪو. ڪُٽل. محڪم.
قائم رکڻ: بيهارڻ. کڙو ڪرڻ. بنياد وجهڻ.
قائم مَقام: ص. ٻئي جي بدران ڪم ڪندڙ- عيوضي.
قُبا: ث (ع) جُبو (بنان ٻانهن).
قَباحَت: ث (ع) خرابي- بُرائي. نقص- عيب.
قَبالہ: ذ (ع) دستاويز (جائداد جو). ڪاٻارو (واپار جو).
قَبائِل: ذ (ع) "قَبيلہ" جو جمع.
قَبائِلي: ص. پاڪستان ۾ صوبي سرحد جي قبائلي زمين جو رهاڪو.
قَبرَ: ث (ع) گور- لوڙهه- مدفن.
قَبرستانُ: ذ. مقام- گورستان.
قَبض: ذ (ع) وَسُ- قابُو. قبضي. قبوليت جو دستاويز.
قبض ڪرڻ: پڪڙڻ- جهلڻ. سوگهو جهلڻ.
قَبض ڪُشا: ص. قبضي ٽوڙيندڙ. مُسهِل.
قَبضو: ذ (ع) دخل- تصرف. وس- قابو- اختيار. مُنيو (ترار جو). هٿيو.
قَبضو ڪرڻ: زوري پنهنجي حوالي ڪرڻ.
قبضيدارُ: ص. جنهن وٽ ڪنهن شيءِ جائداد وغيره جو قبضو هجي. جنهن جو قبضو هجي.
قَبضِي: ث (ع) پيٽ جي هڪ بيماري- بدهضمي سبب پاخاني جو ٻَڌُجهه.
قَبلُ: ظ (ع) پهرين- اڳيان- پيشتر- اول.
قَبل ازوقت: ظ. وقت کان اڳي.
قِبلو: ذ (ع) ڪعبو. ڪعبة الله وارو طرف. تعظيم جوڳو ماڻهو.
قِبلہ نُما: ذ. قطب نما (طرف ڏيکاريندڙ اوزار).
قُبو: ذ (ع. قُبہ) ڇت وارو گنبذ.

قُبور؛ ث (ع) قبرون.
قَبولُ؛ ذ (ع) تسليم- مڃتا. رضامندي. منظوري.
هائوڪار- اقرار.
قَبول صُورَتَ؛ ص. خوبصورت- حسين.
قبول ڪرڻ؛ مڃڻ- تسليم ڪرڻ.
قَبُولَڻُ؛ م. مڃڻ. اقرار ڪرڻ. تسليم ڪرڻ.
منظور ڪرڻ.
قَبُولِي؛ ث. هاريءَ يا وڪري لاءِ مقرر ٿيل سرڪاري زمين.
قَبُولِيَت؛ ث (ع) منظوري. اقرار. هائوڪار.
قُبي؛ ث. ننڍو قبو- ننڍو گنبذ.
قَبِيح؛ ص (ع) بدشڪل- بڇڙو. اڻ وڻندڙ (صورت).
بدنما. خراب- بد- ڪِنو. نفرت جهڙو.
قَبِيل؛ ذ (ع) ٽولو- گروه. قِسم- نوع.
قَبِيلو؛ ذ (ع) خاندان- گهراڻو. هڪڙي ئي ڏاڏي جو
اولاد. قوم. ڪٽنب- عيال.
قِتالُ؛ ذ (ع) قتل عام- خونريزي. لڙائي- جنگ.
(ص) گهڻا قتل ڪندڙ.
قِتالہ؛ ص. گهڻا قتل ڪندڙ (عورت).
قَتلُ؛ ذ (ع. قَتل) خون- گهات.
قَتلامُ؛ ذ. قتل عام- ڪوس- مارو.
قَتل عامُ؛ ذ. قتلام- ڪوسُ- خونريزي.
قَتل عَمَد؛ ذ. ارادي سان مارڻ.
قتل و غارَت؛ ث. مارڻ ۽ ڦُرڻ. خون خرابو.
قتل ڪرڻ؛ ڪُهڻ- مارڻ- خُون ڪرڻ.
قَتيل؛ ص (ع) قتل ٿيل. ڪُٺل- مُئل. شهيد.
قَحبَہ؛ ث (ع) بدڪار عورت- فاحشہ. رَنڊي.
قحبہ خانہ؛ ذ. چڪلو.
قَحطُ؛ ذ (ع) ڏڪار- ڪالُ. اڻاٺ- قِلت.
قَحطُ الرجال؛ ذ. مردن جي اڻاٺ. ڀلُو ماڻهن جي کوٽ.

قحط زده؛ ص. ڏڪار جو ماريل- ڏڪاري. ڪنگال.
قحط سالي؛ ث. ڏڪار جو زمانو.
قَدُ؛ ذ (ع) جسم جي بيهڪ- قامت- ڪائي.
قَداوَرُ؛ ص. ڊگهي قد وارو- ڊگهو.
قَدُ ڪرڻ؛ ڊگهو ٿيڻ. وڏو ٿيڻ. آڪڙجڻ.
قدوقامَتَ؛ ث. قد ڪائي.
قَدُ؛ ذ (ع) هوڏ- بحث- تڪرار.
قَدُ پَڌڻ؛ هوڏ ڪرڻ- اجايو بحث ڪرڻ.
قَدامَتَ؛ ث (ع) جهوناڻي- پُراڻائي. آڳاٽو وقت.
قَدَحُ؛ ذ (ع) وڏو پيالو. پيالو.
قَدرُ؛ ذ (ع) وڏائي- بزرگي- برتري. عزت. درجو-
مرتبو. انداز- مقدار. مُلهہ- ڳڻ. لحاظ.
قَدردانُ؛ ص. قدر سڃاڻندڙ. مانُ مرتبو سڃاڻندڙ. پارکو.
قدرداني؛ ث. مرتبو سڃاڻڻ. مُلهہ سڃاڻڻ.
قدرداني ڪرڻ؛ قدر سڃاڻڻ. مرتبي مطابق عزت ڏيڻ.
قدر شناس؛ ص. قدردان- قدر سڃاڻندڙ.
قدرشناسي؛ ث. قدرداني.
قدر ڪرڻ؛ مانُ سڃاڻڻ. عزت ڏيڻ.
قدر و قيمت؛ ث. مانُ مرتبو. مانُ شانُ.
قدر منزلت؛ ث. بزرگي- وڏائي. عزت- مرتبو.
قدري؛ ظ. ٿورو. ڪجهہ. ڪهڙ سارُو.
قُدرَتَ؛ ث. (ع) خدا تعاليٰ جي صفت. طاقت يا
شان. طاقت- قوت- زور. وس- اختيار. توفيق. دنيا-
جهان- جڳت. فطرت.
قُدرَتي؛ ص. قدرت جو. اصلي. تخليقي. فطري.
قُدس. قُدسي؛ ص (ع) پاڪ- مقدس.
قَدغَن؛ ث (ترڪي) حڪم- تاڪيد. روڪ- جهل- منع.
قَدَمُ؛ ذ (ع) هلڻ ۾ هڪ پير کان ٻئي پير جي وچ
وارو مفاصلو. وِک. پيرُ. گهوڙي جي هڪ هلئي.

قدم بوسي؛ ث. پير چمڻ.
قدم بقدَم؛ ظ. آهستي آهستي- ڏاڪي بہ ڏاڪي.
قدم چمڻ؛ پير کُپڻ. مضبوطي سان بيهڻ. ثابت قدم ٿيڻ.
قدم رکڻ؛ پير رکڻ. دخل ڏيڻ.
قدم رنج فرمائڻ؛ مهرباني ڪري اچڻ- تشريف فرما ٿيڻ.
قدم کڻڻ؛ وک وڌائڻ. پير کڻڻ. رستو رکڻ- تعلقات قائم ڪرڻ.
قدم ملائڻ؛ پير ملائڻ. سات ڏيڻ.
قدم وڌائڻ؛ وک وڌائڻ. تيز هلڻ. اڳيان ٿيڻ. حد کان وڌڻ. مداخلت ڪرڻ. اڳرائي ڪرڻ.
قُدَماء؛ ذ (ع) 'قديم' جو جمع. پراڻا ماڻهو.
قُدُوس؛ ص (ع) پاڪ- مبارڪ- سڳورو. (ذ) خدا تعاليٰ جو هڪ نالو.
قَدِيرُ؛ ص (ع) قدرت وارو- سگهارو. (ذ) ڌڻي تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
قَدِيمُ؛ ص (ع) اڳئين زماني جو. آڳاٽو. ڪهنو- جهونو. (ذ) ڌڻي تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
قدِيمي؛ ص. هميشہ جو. پراڻو- جهونو.
قَرابَتَ؛ ث (ع) ويجهائي. قربت. رشتيداري. ويجهي عزازت.
قَرابَتي؛ ص. ويجهو لاڳاپي وارو- مائٽ- عزيز.
قَرابِيَنَ؛ ث (ترڪي) ننڍي بندوق.
قِرآت، قِرئَت؛ ث (ع) قران شريف کي درست لهجي ۾ پڙهڻ- علم تجويد.
قَرارُ؛ ذ (ع) اقرار- وعدو. قيام- ترسڻ- ٽڪاءُ. آرام- صبر- سک- چَيِنُ.
قرار اچڻ؛ آرام اچڻ. هڪ هنڌ بيهڻ. صبر اچڻ.
قرار ڪرڻ؛ آرام ڪرڻ. دلجمعي سان قضا حاجت کان فارغ ٿيڻ.

قَرار داد؛ ث (ف) انجام- واعدو. تجويز- ٺهراءُ.
قِرانُ؛ ذ (ع) علم نجوم ۾ ٻن سيارن (گرهن) جو هڪ برج ۾ جمع ٿيڻ.
قِرانُ السعدَين؛ ذ. ٻن نيڪ سيارن جو هڪ برج ۾ گڏ ٿيڻ.
قُرانُ، قُرآنُ؛ ذ (ع. قَراء= پڙهڻ) مسلمانن جو مذهبي مقدس ڪتاب- ڪلام الله (هن ۾ ١١٤ سُورتون، ٦٦٦٦ آيتون، ٥٤٠ رڪوع آهن).
قرآن تي هَٿ رکڻ؛ قرآن شريف تي هٿ رکي واعدو ڪرڻ.
قرآن ڏيڻ؛ قرآن شريف جو قسم ڏيڻ. واسطو وجهڻ.
قُران کڻڻ؛ قران جو قسم کڻڻ.
قُراني؛ ص. قران شريف جا ڪُوڙا قسم کڻندڙ. دولابي.
قَرائِن؛ ذ (ع) "قَرينہ" جو جمع.
قُربُ؛ ذ (ع) ويجهائي- اوڏائي. محبت- نينهن.
قُربائتو؛ ص. قرب ڪندڙ- قرب وارو- محبتي.
قُربدارُ؛ ص. قربائتو- محبتي.
قُربانُ؛ ص (ع) صدقو- گهورَ. فدا- نثار- ٻلهار.
قربان ٿيڻ؛ صدقو ٿيڻ- گهوري وڃڻ.
قُربان گاه؛ ث. ٻل چاڙهڻ جي جاءِ.
قرباني؛ ث (ع) صدقو. عيدالضحيٰ تي خدا جي نالي تي جانور ذبح ڪرڻ.
قرباني ڪرڻ؛ خدا جي راه ۾ حلال جانور کي ڪهڻ. صدقو ڪرڻ.
قُربَتَ؛ ث (ع) ويجهائي. محبت. عزازت.
قُرب و جَوار؛ ذ (ع) ويجهي ڇڪ- آسپاس.
قُرة العَيِن؛ ث (ع. قُرت= خوشي، فرحت) اکين جو ٺار. (مجازا) اولاد.
قُرصُ؛ ذ (ع) ٽِڪي (دوا جِي). گولو (سج يا چنڊ

جو)– ڪُرہ. ڇَڪِي (صابڻ جي). چورس ٽڪرن واري مٺائي.
قَرضُ: ذ (ع) اوڌر– لهڻو.
قرض حَسنَہ: ذ. بنان وياج ۽ بنان شرط جي اوڌر.
قرض خواہ: ص. لهڻيدار.
قرضدارُ: ص. جنهن قرض ورتو هجي– مقروض.
قَرضِي: ص. جنهن جو قرض هجي– لهڻيدار.
قِرطاسُ: ذ (ع) ڪاغذ– پَنو– ڪاڳر.
قُرعہ: ذ (ع) ڇَڪو– پوَن. پڪو– ڪُٺو.
قُرعہ اندازي: ث. پڪو وجهڻ.
قَرِنڦل: ذ. قرنفلُ.
قِرمچِي، قِرمِزي: ث (ع. قرمز) رنگ جو هڪ قسم (وکر).
قُرمساقُ: ذ (ع) ڀڙوو– دَلو. ڪميڻو.
قَرَنُ: ذ (ع) زمانو– وقت. ڊگهو زمانو– جُڳ. سِڱُ (جانور جو).
قَرناءِ: ث. ڪنهن جانور جو ڊگهو سِڱُ (جيڪو ڦوڪَ سان وڄائڻ جي ڪم اچي). سِڱَ جي نموني ٽاتوءَ مان ٺهيل ٽُوتارو.
قَرنَفُل: ذ (ع. قرنفل) لونگ (وکر). عرق ڇڪائڻ لاءِ هڪ قسم جو ٿانءُ.
قَرِيبُ: ص (ع) ويجهو– نزديڪ– اوڏو. پرسان. مائٽ– عزيز. سڄڻ– دوست.
قَرِيبا: ظ. اندازا– اٽڪل روءِ.
قريب الاِختتام: ظ. پوري ٿيڻ جي ويجهو.
قريب المرگ: ظ. مرڻ جي ويجهو.
قريب قريب: ظ. ويجهو. لڳ ڀڳ– ذري گهٽ.
قَرِيبِي: ظ. ويجهو– اوڏڙو.
قُرَيش: ذ (ع) عربستان جو اُهو قبيلو جنهن مان نبي سڳورو هو.
قَرِين قِياس: ص. اها ڳالهہ جنهن کي عقل قبول ڪري.
قَرِينو: ذ (ع. قرينہ) اندازو– تخمينو. ترتيب– سليقو. ڍنگ.
قَريَہ: ذ (ع) ڳوٺ.
قَزاقُ: ذ (ترڪي) رهزن. ڌاڙيل.
قَزاقِي: ث. ڌاڙو. ڦُرلُٽ.
قِسط: ث (ع) قرض جو حصو (جيڪو مقرر وقت تي ادا ڪجي).
قِسطوار: ص. هڪ هڪ قسط ڪري.
قَسَمُ: ذ (ع) سُنهُن– سوڳند– حلف.
قَسماقَسمي: ث. سُنهن ساک.
قَسم ڏيڻ: سُنهُن ڏيڻ– حلف کڻائڻ.
قَسم نامو: ذ. ساک تي لکيل بيان.
قَسميہ: ظ. قَسم سان– حلفيہ.
قِسمُ: ذ (ع) نوع– نمونو– جنس.
قِسمين قِسمين: ظ. طرحين طرحين– ڀانت ڀانت.
قِسمَتَ: ث (ع) نصيبت– ڀاڳ– تقدير– لِکيو. طالع– بخت.
قِسمَت آزمائڻ: ڀاڳ آزمائڻ. شرط ٻڌڻ.
قِسمَت آزمائِي: ث. نصيب جي آزمائش. ڪوشش.
قِسمَت سان: ظ. اتفاق سان– اوچتو.
قسمت وارو: ص. خوش نصيبت– ڀاڳ وارو– بختاور.
قَشقو: ذ (ف) تِلڪُ– ٽِڪو (هندو نراڙ تي لڳائين).
قَصابُ: ذ (ع) قاصائي.
قِصاصُ: ذ (ع) بدلو– انتقام. خون جو عيوض. مسلمانن جي قانون موجب اک جي بدران اک، ۽ جانِ جي عيوض جان جو فيصلو.
قَصبات: ذ (ع) "قَصبہ" جو جمع. ڳوٺَ.

قَصبو: ذ (ع. قصبه) ننڍو شهر. وڏو ڳوٺ. ڳوٺ- واهڻ.
قَصدُ: ذ (ع. قَصد) ارادو. پڪو ارادو. نِيَت.
قصداً: ظ. ارادي سان- هاسيڪار.
قصد ڪرڻ: ارادو ڪرڻ- رٿ رٿڻ.
قَصرُ: ذ (ع. قَصر) محل. قلمو- ڪوٽ. سفر ۾ پڙهيل ٻن رڪعتن جي ننڍي نماز.
قِصو: ذ (ع. قِصہ) ڪهاڻي- ڳالهہ- حڪايت. بيان. داستان.
قِصا ڪَڻڻ: بي مقصد ڳالهيون ڪرڻ. ڪچهريون ڪرڻ.
قصہ خوان: ص. داستان گو- ڳالهير.
قصہ خواني: ث. داستان گوئي.
قِصو ڪوتاه: ظ. آخرڪار- نيٺ. حاصل ڪلام.
قصہ گو: ص. داستان گو- ڳالهيون ڪندڙ.
قصہ گوئي: ث. داستان گوئي.
قِصو وڌائڻ: ڳالهہ کي اينگهائڻ. معاملو وڌائڻ. تڪرار وڌائڻ.
قُصورُ: ذ (ع) خطا- ڏوهہ. ڪوتاهي.
قُصور وار: ص. ڏوهي- گنهگار.
قَصيدو: ذ (ع) ڪنهن جي تعريف ۾ چيل شعر.
قَضَا: ث (ع) خدا جو حڪم. قسمت- نصيب. موت- اجل. انصاف- نياءُ- عدالت. نماز جو ويل وقت.
قضا ڪرڻ: نماز جو وقت ٽري وڃڻ کان پوءِ نماز ادا ڪرڻ. عدالت ڪرڻ- شرعي فيصلو ڏيڻ.
قَضائي: ظ. اتفاق سان. اوچتو. ڪڏهن- بعضي- ڪنهن قضائي.
قَضيو: ذ (ع) موت- مرلو. حادثو- واقعو. تڪرار- معاملو. فيصلو.
قَضيو ٿيڻ: موت ٿيڻ- انتقال ٿيڻ. معاملو ٿيڻ.
قَطُ: ذ (ع) ڪاني جي قلم جي نوڪ کي پاسيرو وَڍُ.
قَطارَ: ث (ع) هڪ ٻئي پٺيان سلسلو- لڙهي. لائين. ترتيب.
قطارِجَڻُ: م. هڪ ٻئي پويان بيهڻ. قطار ۾ شامل ٿيڻ.

قطارَڻُ: م. قطار ۾ بيهارڻ- لائين ڪرڻ.
قُطبُ: ذ (ع) جاگرافي موجب ڌرتيءَ جي انتهائي اُتر ۽ ڏکڻ وارو خطو (جنهن جي وچ مان محور واري خيالي ليڪ گذري). اُتر طرف آسمان ۾ نظر ايندڙ تارو. اهو درويش ولي جنهن تي دنيا جي انتظام جو مدار هجي.
قطب جُنوبي: ذ. ڏکڻ قطب.
قطب تارو: ذ. اُتر قطب مٿان نظر ايندڙ تارو- ڌُرو تارو.
قطب شُمالي: ذ. اُتر قطب.
قُطب نُما: ذ. مقناطيسي سُئي وارو هڪ اوزار (جنهن جو هڪ پاسو هميشہ اُتر طرف هوندو آهي).
قُطرُ: ذ (ع. قُطر) گول کي ٻن اڌن ۾ ورهائيندڙ وچ واري ليڪ.
قَطِرو: ذ (ع. قطره) ڦُڙو- ٽيپو- ٻُوندَ.
قَطع: ث (ع) نمونو- ڍنگ. شڪل- صورت. ڪاٽَ- وَڍُڪَ. ٽُڪر.
قطع بُريد: ث. وڍَ ٽُڪَ- ڪاٽ ڪُوٽ.
قطع تعَلُق: ذ. لاڳاپن جو خاتمو. جدائي. غيرواسطيداري.
قَطع ڪرڻ: ڇڏڻ (لاڳاپو). وڍڻ. جدا ڪرڻ- الڳ ڪرڻ.
قطع ڪلام: ذ. ڳالهہ ڪٽڻ- هلندڙ ڳالهہ جي وچ ۾ رنڊڪ.
قطع نظر: ذ. ان کان سواءِ. باوجود انهيءَ جي.
قَطعي: ص. آخري. مڪمل. يقيني.
قَطعاً: ظ (ع) هرگز- بالڪل- ماڳهين.
قِطعات: ذ (ع) "قطعه" جو جمع.
قِطعو: ذ (ع) ساڳئي مضمون ۽ قافين وارا ٻہ شعر (شاعري جي هڪ صنف). ڀاڱو- حصو (زمين جو).
قَطِيفو: ذ (ع) هڪ قسم جو ريشمي ڪپڙو.

قَمَرُ: ذ (ع) کوهہ يا درياء جي اُونهائي- اوڙاهہ. وڏي کڏ.
قَفسُ: ذ (ع) پڃرو (پکين جو). آکيرو.
قُفْلُ: ذ (ع) ڪُلف- تالو.
قُلْ: ذ (ع) "قُل هُو الله احدٌ" جو مخفف. قرآن شريف جي سورت اخلاص. فاتحہ.
قُلْ پڙهڻ: فاتحہ پڙهڻ. ختمي جي دعا پڙهڻ.
قُلابو: ذ (ع) زنجير جي ڪڙي- ڪُنڍو.
قُلابا ملائڻ: گُنبذ توپ ڪرڻ. وڌاءُ ڪرڻ- مبالغو ڪرڻ.
قلاتُ: ذ. بلوچستان جو هڪ شهر ۽ خطو.
قَلاش: ص (ترڪي) غريب- مفلس. ڪنگال- ڪُنل.
قَلبُ: ذ (ع) دِل. هِنيون- مَنُ. ڪنهن بہ چيز جو وچ وارو اندريون حصو.
قَلبي: ص. قلب جو- دِلي. دل وارو.
قِلتَ: ث (ع) ڪمي- ڪوٽ- اڻاٺ.
قُلزُم: ذ (ع) سمنڊ. گاڙهو سمنڊ.
قَلع: ذ (ع) پٽڻ- باهڻ.
قَلع قَمع: ذ. پٽ باهہ. اٿل پٿل.
قِلعو: ذ (ع) فوج جي رهڻ جي جاءِ جنهن جي چوڌاري ڪوٽ آيل هجي. ڪوٽ- ڳڙهہ- عالم پناهہ.
قلعو فتح ڪرڻ: ڪو مشڪل ڪم سرانجام ڏيڻ. وڏو ڪارنامو ڪرڻ.
قِلعيدارُ: ص. قلعي جو محافظ عملدار- ڪوٽوال.
قَلعي: ث (ع) ڌاتوءَ جو هڪ قسم- راڳو.
قَلعي کُلڻ: راز ظاهر ٿيڻ. اصليت پڌري ٿيڻ.
قَلعيگرُ: ص. ٿانون کي قلعي ڪندڙ.
قُلفُ: ذ (ع. قُفل) ڪلف- تالو.
قُلفي: ث (ع) برف ۽ کير مان ٺهيل ڪُلفي.
قَلق: ذ (ع) رنج- افسوس- ڏک. پڇتاءُ- پشيماني.
قَلمُ: ذ (ع) ڪانهن يا ڪاني مان ٺهيل لکڻي- خامہ. لوڻندڙيءَ تي ڇليل وار. وڻ جي ٽاريءَ جو وڍيل ٽُڪر جيڪو پوکڻ لاءِ زمين ۾ هڻجي. ٿانون جي شِڪ. ڦڙو.
قلمبند: ص. لکيل- تحرير ڪيل.
قلم تازو: ذ. خط جي آخر ۾ پوءِ ياد آيل ڳالهہ جي لکيت.
قلم تراش: ذ. قلم گهڙڻ جو خاص چاقون.
قلمدانُ: ذ. مس قلم رکڻ جي ننڍڙي صندوقڙي.
قلمروُ: ث. جتي بادشاهہ يا حاڪم جي فرمان جي تعميل ٿئي. حڪومت. سلطنت- بادشاهي. مُلڪ.
قلمڪار: ص. منشي. مصور. نقاش.
قلم ڪرڻ: وڍڻ. ڪاٽڻ. ڇانگڻ.
قلم لڳائڻ، هڻڻ: ساٿي وڍيل ٽاري زمين ۾ هڻڻ (اوبڙ لاءِ).
قلمي: ص. هٿ جو لکيل. پيوندي (وڻ).
قلندرُ: ذ (ف) فقيرن جو هڪ فرقو جيڪو مٿو ۽ ڏاڙهي ڪوڙائي، گهر بار کي ڇڏي گهمندو وتي. پنهنجي وجود کان بيخبر ٿي خدا جي عبادت ۾ مشغول رهندڙ فقير.
قُلوبُ: ذ (ع) "قلب" جو جمع. دِليون.
قُلي: ذ (ترڪي) غلام. مزور. بار پوئيندڙ.
قَليلُ: ص (ع) گهٽ. ٿورو. ننڍو. جُزوي- وِرلي.
قَليہ: ذ (ع) پڪل گوشت- پڳو.
قمار: ذ (ع) بازي يا شرط لڳائڻ واري راند- جُوئا.
قماربازُ: ص. جوئاري.
قمارخانو: ص. جوئا خانو. جوئا جي ٽڪري يا اڏو.
قماش: ذ (ع) رنگ- نمونو. قسم- جنس. طورطريقو.
قموچي: ث (ترڪي) چهو- سنهڙو لچڪيدار تلهڙ.
قَمَرُ: ذ (ع) چنڊ- ماهتاب. ٽيءَ رات کان پوءِ جو چنڊ

(پهرين ۽ ٻيءَ تاريخ جي چنڊ کي 'هلال' چئبو).

قَمَرِي، ص. چنڊ جو. چنڊ جي مهينن وارو سال- هجري.

قُمرِي، ث (ع) پکيءَ جو هڪ قسم. ڪبوتر جو هڪ قسم.

قُمقُمو، ذ (ع) ڇت ۾ ٽنگڻ لاءِ شيشي جو گولو. ننڍو فانوس.

قَمِيصَ، ث (ع) پهراڻ جو هڪ قسم- ڪڙتو.

قَنَاتَ، ث (ع) ڪپڙي جي اوٽ يا ديوار (جيڪا شامياني جي چوڌاري اڇي).

قِنَاعَتَ، ث (ع) جيڪي ملي ان تي راضي رهڻ. ڪفايت- سانگ صرفو.

قَنَاوِيزُ، ذ (ترڪي) هڪ قسم جو چمڪندڙ ريشمي ڪپڙو.

قَنبَرُ، ذ (ع) حضرت علي ڪرم الله وجه جي غلام جو نالو.

قَنبرانِي، ص. 'قنبر حبشي' جي نسبت سان حبشي نسل.

قَنِد، ث (ع) مصري.

قِند مُڪرر، ث. ٻه ڀيرا صاف ٿيل ڇٽيل ڇاش مان ٺهيل مصري.

قَنديِلَ، ث (ع) شيشي جي گولي وارو فانوس جنهن ۾ ميڻ بتي ٻاري ڇت ۾ ٽنگجي. فانوس جو هڪ قسم.

قَندارُ، ذ. افغانسان جو هڪ صوبو.

قنداري ڏاڙهون، ذ. خاص قسم جو اعليٰ ڏاڙهون.

قُنُوطِي، ص (ع. قَنَط) نااميد- مايوس- نراس.

قُنُوطِيَت، ث. نااميدي- مايوسي.

قَوَاعِد، ذ (ع) "قاعده" جو جمع. قانون. اصول. سپاهين جي سکيا- پريڊ.

قَوالُ، ذ (ع) صوفيانه ڪلام چوندڙ ڳائڻو. صفت ساراهه جا ڪلام ڳائيندڙ. قواليون ڳائيندڙ گويو. گويو.

قَوالِي، ث (ع) ڳائڻ جو هڪ نمونو (جنهن جو مُوجد امير خُسرو چيو وڃي ٿو).

قَوامُ، قِوامُ، ذ (ع) کنڊ واري پاڻي کي ٿهڪائي ٺاهيل گهاٽو شيرو. کنڊ جي گهاٽي چاش.

قَوانِين، ذ (ع) "قانون" جو جمع. قاعدا. آئين.

قُوَتَ، ث (ع) طاقت- زور- ٻل- سگهه. اختياري.

قُوت باهه، ث. شهوت- مڙسي جي طاقت.

قُوتُ، ذ (ع) کاڌو- خوارڪ. رزق. ڇُوٽو.

قُورمو، ذ (ترڪي) شوروي وارو گوشت جو ٻوڙ (جنهن ۾ ڀاڄي وغيره نه هجي). گهٽي گوشت جو رڌل پُلاءُ.

قوسَ، ث (ع) ڪمانَ. آسمان جو هڪ بُرج.

قوس قزح، ث. اندلٺ- ڏنڪ.

قَولُ، ذ (ع) ڳالهه- جملو- چوڻي. واعدو- اقرار- انجام.

قول قرارُ، ذ. انجام اقرار- ٻول وچن.

قول و فعل، ذ. چوڻ ۽ ڪرڻ.

قولابو، ذ. وڏو چُوڙو- ڪنگڻ (جيڪو عام طرح فقير پائين).

قَومَ، ث (ع) ذات. فرقو. نسل. خاندان- گهراڻو. گروه- سَٿَ.

قَوم پَرست، ص. قوم جو خيرخواه. قوم جي مفادن لاءِ جدوجهد ڪندڙ.

قَومِي، ص. قوم جو.

قَومِيَتَ، ث (ع) نسل- ذات. قومي خصوصيت.

قَوِي، ص (ع) طاقتور- سگهارو. تندرست. مضبوط. (ذ) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

قُوىٰ، ذ (ع) "قُوَة" جو جمع. سمجهه- عقل- شعور.

قَهارُ، ص (ع) قهر ڪندڙ. زبردست- ڏاڍو. قهري- ظالم. (ذ) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

قَهْرُ: ذ (ع) ڪاوڙ- غصو- ڏمر. ڏاڍ. مصيبت. ظلم- انڌير.

قهر الاهي: ذ. خدا جو غضب. آسماني مصيبت.

قهر ڪرڻ: ظلم ڪرڻ. ڏاڍ ڪرڻ.

قهري: ص. ظالم. بي رحم.

قهقهہ: ذ (ع) ٽهڪ. وڏي واڪي زور سان کِل.

قهوو: ذ (ع) هڪ قسم جو ٻوٽو ۽ ان جو ٻج (جنهن کي پُچي چانهه وانگر ڪاڙهي پيئجي).

قَي: ث (ع) اُلٽي- اُڇَل- ڪَيُ.

قِيادَتَ: ث (ع) اڳواڻي- پيشوائي. رهبري.

قِياسُ: ذ (ع) گمان. خيال. اندازو. اٽڪل رُوءِ ڪَٿَ- تخمينو. ويچار- ڳٺڳوٽ. غور. انومان. افسوس- ٻاجهه- ڪهل.

قياس ڪرڻ: اندازو لڳائڻ. افسوس ڪرڻ- ڪهل ڪرڻ. ڏک ڪرڻ.

قيافو: ذ (ع) شڪل- صورت. انسان جي عادتن ۽ مُهانڊي مان اندازو لڳائڻ جو علم.

قيافي شناسي: ث. 'علم قيافہ' جي جاءِ.

قِيامَ: ث (ع) قيامت- حشر. روز جزا.

قِيامُ: ذ (ع) نماز ۾ بيهڪ. بيهڪ. ٽڪاءُ. استقلال- پائداري.

قِيام پَذِير: ص. ترسيل- ٽِڪيل- مقيم.

قِيامُ ڪَرڻ: ترسڻ- ٽِڪڻ. سڪونت پذير ٿيڻ.

قِيامَتَ: ث (ع) آخرت- حشر. اهو ڏينهن جنهن تي سڀ ساهوارا ڦنا ٿيندا. مصيبت ظلم- انڌير.

قِيامَت خيز: ص. قيامت آڻيندڙ (حادثو، واقعو). مصيبت وارو.

قِيامَت مَچائڻ: ظلم مچائڻ. قهر ڪرڻ. هنگامو ڪرڻ.

قَيدُ: ذ (ع) بند- اسيري. روڪ- پابندي. بندش. جيل- ٽُرم- زندان. (ظ) بند ٿيل. منع ٿيل. پابند.

قيد بامَشقت: ذ. سخت پورهئي سان سزا.

قيدخانو: ذ. بنديخانو- جيل خانو- زندان.

قيد ڪرڻ: بند ڪرڻ- اسير ڪرڻ. گرفتار ڪرڻ. پڪڙڻ- جيل ڏيڻ.

قيدِي: ص. باندي- گرفتار- اسير.

قِيراطُ: ذ (ع) درهم جي ٻارهين حصي جو وزن (جيڪو جواهرات توري ۾ ڪم اچي).

قيصَرُ: ذ. شينهن- شير. سلطان- بادشاهہ.

قيطُونُ: ذ (ترڪي) زري ۽ ريشمي ڌاڳن واري پٽڪ.

قِيفَ: ث (ع) ٽِين يا شيشي جو مخروطي اوزار جنهن سان سوڙهي مُنهن واري ٿانءَ ۾ پاڻيٺ وجهجي.

قِيل مَقالَ: ث (ع) ڳالهه ٻولهه- گفتگو. بحث مباحثو.

قِيل و قالُ: ذ (ع) قيل مقال.

قيلُولو: ذ (ع) ٻن پهرن جي ماني بعد ننڊ ڪرڻ- منجهند جو آرام.

قِيمَتَ: ث (ع) مُلهه- دام. اگهه- نرخ.

قِيمَتِي: ص. گهڻي مُلهه وارو- بيش بها- مُلهائتو. ناياب.

قيمو. قِيمُون: ذ (ف) ذرا ذرا ٿيل گوشت.

قيمو ڪرڻ: ذرا ذرا ڪرڻ. وڏي چِٽي ذرا ڪرڻ.

قينچِي: ث (ترڪي) ڪپڙي وغيره ڪترڻ جو اوزار- ڪَتَر- مقراض.

قيُوم: ص (ع) قائم رهندڙ. هميش قائم. (ذ) خداتعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

ڪ

ڪ: ذ (اُچار "ڪاف") سنڌي الف- بي جو اوڻيتاليهون اکر. عربي جو ٻاويهون ۽ فارسي جو پنجويهون اکر.

ڪَ: ظ (ع) وانگر- جيئن- مثل.

ڪِ: ص. ڪِين- ڪِي- يا.

ڪُ: ص. صفاتي اڳياڙي طور خراب يا گھٽ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ حرف (جئن ڪُپتيو، ڪُمهل وغيره).

ڪابُل: ذ. افغانستان جو هڪ شهر.

ڪابُلي، ڪابُولي: ص. ڪابل جو (ماڻهو، وکر وغيره).

ڪابِينُ: ذ (ف) حق مَهر (اُها رقم جيڪا نڪاح وقت مڙس زال کي ڏيڻ جو اقرار ڪري).

ڪابِينو: ذ (ف) وزيرن جي مجلس- جملي وُزراء.

ڪاٻارُ، ڪاٻارو: ذ. ناريل جي کوپي جي مٿان وارو ريشو (جنهن مان رسا ٺهن). سامان سڙو (عموما ڪاٺ جو سامان).

ڪاٻارو: ذ. جهيڙو- جنگ.

ڪاٻارو، ڪاٻاڙو: ذ (ع. قبالہ) وڪري جي شرطن وارو دستاويز. فصل جي اڳواٽ ٺيل سؤدي جي لکيت.

ڪاٻَٽِ: ث. اٿاٽ- ڪوٽ- تنگي.

ڪاٻَرُ: ذ. ناريل جي ٻَجِ- ڪاٻارُ.

ڪاتُ: ذ. گوشت وڍڻ جو وڏو ڇُرو.

ڪاتَ ڪُهاڙا ڪڍڻ: جهيڙي لاءِ هٿيار ڪڍڻ. ڪنهن جي خلاف ڪمر ڪشي بيهڻ.

ڪاتارِ: ث. سُٽ ڪتڻ واري عورت.

ڪاتِبُ: ذ (ع) ڪتابت ڪندڙ. سهڻا اکر لکندڙ- خوشنويس.

ڪاتِرَ: ث. سنهون ڪٽيل ڇُورو (سوپارين وغيره جو). اُنَ يا ڏاس ڪترڻ جي ڪئنچي. ڪاٺ جي ڏنگي ٻَٽِي (جيڪا عام طرح ڪولهي ننڍن جانورن جي شڪار لاءِ ڪم آڻين).

ڪاترو: ص. ڪتريندڙ (رڍن، ٻڪرين کي).

ڪاتِي: ث. گوشت وغيره وڍڻ جو ننڍو اوزار- ڇُري.

ڪاٽو: ذ. ڪَٽ- ڪُٽپ- شمار، ڇيهه- دنگ.

ڪاٽي: ظ. ڪِٽي- کهڙي هنڌ.

ڪاٽَ: ث. وَڍُ. چِيرُ. ڇانگ. ڪَمِي- تخفيف. ڪَٽَ.

ڪاٽ ڪرڻ: ڪَٽ ڪَرڻ. گهٽ ڪرڻ. ڇانڊڻ- ڇانگڻ. تخفيف ڪرڻ.

ڪاٽا: ث. ڪاٽ (لفڙ جي). برطرف.

ڪاٽَ ڪُوٽَ: ث. ويٽڪ. ڪمي بيشي. ڇنڊڇاڻ.

ڪاٽڻُ: م. وڍڻ. ٽُڪر ڪرڻ. جدا ڪرڻ. تخفيف ڪرڻ. وضع ڪرڻ. ڀوڳڻ (قيد). بسر ڪرڻ- گذارڻ (وقت). طي ڪرڻ (مفاصلو). ٻن حصن ۾ ورهائڻ (تاس).

ڪاٽو: ذ. ڪانٽو- وڏي تارازي.

ڪاٽو: ذ. رياضي ۾ ڪَٽَ جي نشاني (-).

ڪاٺُ: ذ. ٿلهي ۽ ڊگهي ڪاني. ٻُنڍ. دوڳُ. ڏوهاريءَ کي سزا ڏيڻ جو ڪانيءَ مان ٺهيل هڪ اوزار (جنهن ۾ ڏوهاري جا پير ڦاسائين جنهن ڪري اهو اُٿي يا هلي نہ سگهي).

ڪاٺَ جي ماني: اصطلاح. سخت پورهيو- ڏکيو ڌنڌو- جاکوڙو.

ڪاٺَ ڪٽو: ذ. هڪ قسم جو پکي- ڊکڻ پکي.

ڪاٺَ ٿوريون؛ ث. پينڊيون (ٻڪر جو قسم).

ڪاٺَ گِدرو؛ ذ. پپيتو (وڻ ۽ ميوو).

ڪاٺوڙو؛ ذ. ڪاٺيءَ جو پاٽوڙو.

ڪاٺي؛ ث. لڪڙي. هاٺي- قدبت- جسم.

ڪاٺي سورڻ؛ ٻاهر کي مچائڻ. جهيڙو وڌائڻ.

ڪاٺي ڪرڻ؛ ٻَڄ ڪرڻ. هشي ڏيڻ. چُرچ ڪرڻ (جهيڙي لاءِ).

ڪاٺيرُ، ڪاٺِرُ؛ ص. ڪاٺيون ڪندڙ. ڪاٺيون ڪري وڪڻندڙ.

ڪاپاتي، ڪاپاٺي؛ ث. ڪپهه مان ٿورا ٿاهيندڙ عورت. ڪاپو ڪندڙ. سُٽ ڪتيندڙ.

ڪاپارُ؛ ذ. ڪوپري. مٿو- سرُ. نصيب- ڀاڳ.

ڪاپاري؛ ص. ڪاپارو وارو- مٿي وارو ڏڪ. تمام وڏو نقصان. وڏو صدمو.

ڪاپٽُ؛ ذ. جوڳي فقيرن جو هڪ قسم.

ڪاپڙي؛ ذ. جوڳي فقيرن جو هڪ قسم (جيڪي دنيا کان لاڳاپا ڪٽي ويا هجن).

ڪاپو؛ ذ. ڪپهه جا ٿورا ٿاهڻ (سُٽ ٿاهڻ کان اڳ). پورهيو. ڏاڪڙو.

ڪاپو ڪرڻ؛ پُنن پاند جهولي ٿاهي چُونڊيو يا لابارو ڪرڻ. سخت ڪشالو ڪڍڻ. پورهيو ڪرڻ.

ڪاپي؛ ث (انگ) نقل. اُتارو. مُسوّدو. نوٽبوڪ.

ڪاپي ڪرڻ؛ نقل ڪرڻ.

ڪاجُ؛ ذ. ڪم. ڪرت- ڌنڌو. شادي يا خوشيءَ جي موقعي تي مهمانن جي ماني وغيره. خوشيءَ جو موقعو- مارڪو. قميص ڪوٽ وغيره ۾ ٻيڙي وجهڻ جو سوراخ.

ڪاجُ؛ ذ. ڪاجُ. شادي يا ڪنهن ٻئي خوشيءَ جي موقعي تي وڏي دعوت.

ڪاجُ ڪرڻ؛ شاديءَ جي ماني ڪرڻ. دعوت ڪرڻ.

ڪاجَڙَ؛ ث. وڏي ڊگهي مضبوط ڪاٺي جنهن تي ڇپر رکجي. هرلي يا نار جي ٻيهارڻ جي ڪاٺي.

ڪانچ؛ ث. سُٿڻ. سلوار.

ڪاچُ؛ ذ. ڪانچُ- شيشو.

ڪاڇو؛ ث. "ڪڇ" جي ٻڪري يا ڳِٿون. جُوئر جو هڪ قسم.

ڪاڇو؛ ذ. جبلن جي پير وارو ميداني علائقو (دادو ضلعي جو الهنديون جابلو ميداني حصو). ڪڇ- ماپ- پيمائش.

ڪاڇي؛ ص. جبل جي ڪنڌيءَ جو. "ڪڇ" جو. (ذ) ڪڇ جو گهوڙو، اُٺ وغيره.

ڪاڇوٽي؛ ث. لانگوٽي.

ڪاڇيلَ؛ ث. ڏکڻ طرف.

ڪاخُ؛ ذ (ف) محل- قصر.

ڪاڏي؛ ظ. ڪيڏانهن- ڪهڙي پاسي- ڪِٿي.

ڪاڍارو؛ ذ. سرَ جو صدقو. مٿان گهوريل شيءِ. ڪاپالو.

ڪاڍو؛ ذ. اُڪسنڊ- سِڪَ- چِڪ (قرب جي). تانگهه- اُڪيرَ.

ڪاڍوڙُ؛ ص. ڏڪاريل- ڏڪي ڪڍيل.

ڪاذِبُ؛ ص (ع) ڪُوڙو. باطل.

ڪارَ؛ ث. ڪاراڻِ- سياهي. اونداهي. انڌوڪار.

ڪار؛ ث (ف) ڪم- شغل- ڌنڌو. هنر. پيشو.

ڪارآمد؛ ص. ڪم اچڻ جهڙو. مفيد.

ڪارِ بَندُ؛ ص. عمل ڪندڙ. پابند- ٻڌل.

ڪاراڻِ؛ ث. ڪارَ- سياهي. مُنهن اونداهي.

ڪاراڻو؛ ص. ڪم ۾ ايندڙ- ڪم جهڙو. ڪمائتو- سجايو.

ڪاراٺو؛ ذ. زمين جي سنڀال لاءِ مقرر ماڻهو- ڪمدار.

ڪارَبُ: ذ (ع. قالب) سانچو- فريم. ڪورڪي ڪم جو هڪ اوزار.
ڪاربانُ: ذ (انگ) هڪ مشهور گئس (ڪوئلي ۽ شيهي مان پيدا ٿيل گئس).
ڪاراٽي: ٿ. ڪاٺ وڍڻ جو اوزار (ڏندن واري رُڪ جي پٽي)- ڪرٽُ.
ڪاربارُ: ذ. ڪم ڪار. ڪاروبار.
ڪارٿهي: ٿ. ڪاري ٿُهر واري جوئر جو هڪ قسم.
ڪاربِيهَ: ٿ (انگ) ننڍي رائفل.
ڪارٽوسُ: ذ (انگ) ڪاغذ يا پتل جي نالي جنهن ۾ ڇيرا ۽ بارود ڀريل هجي.
ڪارٽونُ: ذ (انگ) مسخريءَ واري تصوير.
ڪارپردازُ: ص (ف) ڪم جو نگران- منتظم.
ڪارَتَ: ٿ. ڪاراڻ- سِياهي. ٿڃي دانگي يا ڏِٿي جي ڪاراڻ.
ڪارِجُ: ذ (سن. ڪاريہ) ڪم- ڪار. ڌنڌو- شغل. مقصد- مطلب.
ڪارِجُ سِڌُ ٿيڻُ: مقصد پورو ٿيڻ. مراد حاصل ٿيڻ.
ڪارچوبُ: ذ (ف) ڪاٺيءَ مان ٺهيل چوڪٺ جنهن ۾ اڳٺ اُڻڻ يا ڀرت جو ڪم ٿئي.
ڪارخانو: ذ (ف) ڪنهن هُنر يا صنعت جو هنڌ- فيڪٽري. دڪان- ڪوٺي. ڪاروبار- ڌنڌو.
ڪارخيرُ: ٿ. ثواب جو ڪم. نيڪيءَ جو ڪم.
ڪاردارُ: ص (ف) ڪم ڪار هلائيندڙ- منتظم.
ڪارڊُ: ذ (انگ) پَتو (تاس جو). ورق. پوسٽ جو ٽڪلي لڳل ڪاغذ. اطلاع جو ڪاغذ.
ڪارروائي: ٿ (ف) ڪم جي تڪميل. ڪم. انتظام. بندوبست. روبڪاري.
ڪارڙو: ذ. هڪ قسم جو جيت. تتر جو هڪ قسم (ڪاري رنگ جو).
ڪارزارُ: ٿ (ف) لڙائي- جنگ- رزم.
ڪارِ زِيانو: ص (ف) ڪاري زبان وارو (جيڪو بدسوٽي جي ڳالهه ڪري، ۽ منحوس سمجهيو وڃي).
ڪارسازُ: ص (ف) ڪم ناهيندڙ. ماهر. (ذ) خداتعاليٰ.
ڪارسازي: ٿ. هنرمندي. چالاڪي- هوشياري.
ڪارستانُ: ص (ف) چالاڪ- هوشيار. پَڪو- ماهر. وڏو ڪم ڪندڙ.
ڪارستاني: ٿ (ف) چالاڪي- حرفت. شرارت- لچائي.
ڪارفرما: ص (ف) حڪم ڪندڙ. حاڪم. ڪم ڪار هلائيندڙ.
ڪارڪردگي: ٿ (ف) سُٺو ڪم. ڪارگذاري.
ڪارڪُنُ: ذ (ف) ڪم ڪندڙ- ورڪر. منتظم.
ڪارگذاري: ٿ (ف) سُٺو ڪم. ڪم جي ترتيب ۽ طريقو. ڪم ڪار.
ڪارگرُ: ص (ف) مفيد- سُودمند. اثرائتو.
ڪارنامو: ذ (ف) اهم واقعو. سٺو ڪم. بهادريءَ جو ڪم.
ڪارندو: ص (ف) ڪارڪن- ورڪر. منتظم.
ڪارَنهن: ٿ. ڪارٺ- ڪاراڻ. داغ- ٽِڪو. بدنامي جو ٽِڪو. خواري.
ڪارَڻُ: ذ. سبب- باعث. بهانو. علاج- حيلو. (ظ) لاءِ- واسطي- سانگي- جي ڪري.
ڪارَڻُ: م. ڪرڻ. اُڪارڻ- پار ڪرڻ.
ڪارِڻي: ص. شافع. پار اُڪاريندڙ.
ڪارو: ص. سِياهہ. اونداهو. ڪاري رنگ جو. سانورو. اصيل (نانگ). گناهن ۾ ورتل. گنهگار- ڏوهاري. (ٿ. ڪاري).

ڪارو پاڻي، ذ. اندمان ٻيٽ (جتي انگريزن جي دور ۾ عمرقيد وارن قيدين کي موڪليو ويندو هو).
ڪارو چورُ، ذ. وڏو چور- نالي چڙهيو ڪاٺڪو.
ڪارو علمُ، ذ. جادو- سحر. نقصان پهچائيندڙ جادو.
ڪارو ڪاري، ذ. زناڪارُ مرد ۽ عورت (جيڪي قبائلي رسم موجب واجب القتل هجن).
ڪارو ڪرڻ، سياهه ڪرڻ. عيبدار ڪرڻ- ڏوهاري ڪرڻ. ٽڪو ڏيڻ. خوار ڪرڻ. گلارو ڪرڻ. بدنام ڪرڻ.
ڪارو مُنهن ڪرڻ، برو ڪم ڪرڻ. اخلاقي ڏوهه ڪرڻ. بي آبرو ڪرڻ. خوار ڪرڻ.
ڪاريءَ وارا ڪڪ، محاورو. ڪجهه به نه- ڀينگ. عدم موجودگي.
ڪارو نانگ، ذ. واسينگ نانگ- ڪاريهر. اصيل نانگ.
ڪارِوانُ، ذ (ف) گهڻن مسافرن يا سوداگرن جو ٽولو. قافلو. اُٺن جو قافلو.
ڪاروبارُ، ذ (ف) ڏيتي ليتي- واپار. ڌنڌو. ڪم ڪار. ڪار وهنوار.
ڪاروُن، ث. حيلا- ڪوششون. عاجزيون. منٿون.
ڪاروُن ڪرڻ، آزيون نيزاريون ڪرڻ- عاجزيون ڪرڻ.
ڪارُونيارُ، ص. نهايت اونداهو. گهاٽن گهڻن ڪڪرن وارو جهڙ (جنهن ۾ اونداهي ٿي وڃي). تمام گهڻو- بيشمار.
ڪارو واءُ، ذ. چوپائي مال جي هڪ بيماري (جنهن ۾ جانور کي ڏڪڻي ٿئي).
ڪارِي، ص (ف) اثر ڪندڙ- مؤثر. اثرائتو (ڌڪ. زخم. گهاءُ). گهرو- اونهو (زخم).
ڪاريزُ، ذ (ف) جبل جي اندران زمين مان ايندڙ پاڻي جو وهڪرو. چشمي جو پاڻي.
ڪاريگرُ، ص (ف) هنرمند. صنعت گر. هوشيار. حرفتي.
ڪاريگري، ث. هنرمندي. هوشياري. چالاڪي.

ڪاريهَرُ، ذ . نانگ جو هڪ قسم- ڪارو نانگ- اصيل نانگ. هڪ قسم جو هَرڻُ.
ڪاڙهَڻُ، م. ٽهڪائڻ- اوٻارڻ- جوش ڏيڻ. آزارڻ- هلاک ڪرڻ.
ڪاڙهو، ذ. اُس- ڏِپَ. گرمي- تپش. اُسَ جي تپش. ٻسارڪو وکر جيڪو بيمار کي ٽهڪائي پيارجي- جوشاندو.
ڪاڙِي، ث. ماچيس جي تيلي.
ڪاسائي، ص. ڪوس ڪندڙ- ڪُهندڙ- قاصائي. (ص) بيرحم- سنگدل.
ڪاسِبُ. ڪاسِبِي، ص (ع) ڪسب ڪندڙ- هنرمند- پورهيت.
ڪاسِني، ث (ف) هڪ قسم جو گاهه ۽ ٻوٽو (ٻسارڪي وکر طور ڪم اچي).
ڪاسو، ذ (ع) پيالو- وڏو جَمڻُ. اناج ٻرڻ جو هڪ ماڻُ (اندازا سورهن سير). ڪِستو (فقيرن جو).
ڪاسہ ليس، ص. پيالو چٽيندڙ. خوشامدي. لالچي. فيض حاصل ڪندڙ. گداگر.
ڪاسِي ڪرولِي، ث. بچت سچت- پُورت سورت. تنگيءَ واري گذران ۾ بچت.
ڪاش، حرف ندا (ف) شالا- ائين هجي! افسوس!
ڪاشانو، ذ (ف) ننڍو گهر. جهوپو. آستانو- ماڳ.
ڪاشتَ، ث (ف) کيتي- پوک- ٻني.
ڪاشتڪار، ص. هاريو ڪندڙ- هاري- ڪڙمي. آبادگار.
ڪاشِفُ، ص (ع) ظاهر ڪندڙ- کوليندڙ (راز يا ڳالهه).
ڪاشِي، ث (ف) سرُن ۽ ٽائون تي روغني گلڪاري وغيره جو هنر (جيڪو چون ٿا ته ايران جي شهر 'ڪاشان' مان هتي پکڙيو). (سن) ڀارت ۾ هندن جو تيرٿ وارو شهر- بنارس.
ڪاشيگرُ، ص. ڪاشيءَ جو ڪم ڪندڙ هنرمند.

ڪاغذُ ذ (ف) پَنو- قِرطاسُ. ورق. چِٺي- خط.
ڪاغذِي، ص. ڪاغذ جو. پني جهڙو. سنهون. اڇو.
ڪافرُ ص (ع. ڪافِر) خدا کي نہ مڃيندڙ. خدا جو منڪر. ڪُفر ڪندڙ. نياڳو- بدبخت. معشوق- محبوب.
ڪافر ادا، ص. سهڻو- حَسِين. معشوق.
ڪافُور، ذ (ف) هڪ قسم جو خوشبودار وڻ ۽ ان مان نڪتل سَتُ- ڪُپور. (ص) اڇو- سفيد.
ڪافور ٿيڻ، گم ٿيڻ- الوپ ٿيڻ. اُڏامي وڃڻ.
ڪافِي، ث (انگ) هڪ قسم جو خوشبودار ٻُوٽو (جنهن جو ٻج ڪُٽي چانهہ وانگر ڪم آڻين)- قهوو.
ڪافِي، ص (ع) گهڻو. گهرج مطابق. بس.
ڪافِي، ث (ع. قافيه) سنڌي نظم جي هڪ صنف- ڪلام. هڪ راڳ جو نالو. فقراء جي رهڻ جو آستان.
ڪافِيَرُ، ص. ڪافيون ڳائيندڙ.
ڪاڪ، ث. "مومل- راڻي" جي داستان ۾ هڪ ندي (نئن) جنهن جي ڪپ تي مومل جو محلات هو.
ڪاڪَتَ، ث (ع. طاقت) طاقت- سگهہ.
ڪاڪڙو، ذ. نڙيءَ ۾ لٽڪيل چمڙو.
ڪاڪڙو ڪرڻ، زور سان ڳالهائڻ. وات ڪرڻ- زباني جهيڙو ڪرڻ.
ڪاڪڙو ڪڍڻ، لٽڪل ڪاڪڙي کي ٺُوڪاري جي ساٿ سان، يا دوا سان علاج ڪرڻ.
ڪاڪُلَ، ذ (ف) چهري ڏانهن لٽڪندڙ وارَ- زُلفَ.
ڪاڪو، ذ. چاچو. ننڍڙو ٻار. (ث. ڪاڪي).
ڪاڳُرُ، ذ. ڪاغذ- پَنو. ورق.
ڪاڳَرَ ڪارا ڪرڻ، گهڻو لکڻ. اجايا ڪم ڪرڻ.
ڪاڳِري، ص. ليکو چوکو لکندڙ. منشي.
ڪالُ، ذ (سن) وقت. موسم. موتُ. ڏکيو وقت. اڪال. ڏڪار- قحط.

ڪال پوڻ، ڏڪار پوڻ- قحط پوڻ. اڻاٺ ٿيڻ (چيزن جي).
ڪالَرُ، ذ (انگ) قميص يا ڪوٽ جو گلي وارو حصو.
ڪالرا، ث (انگ) هڪ قسم جي وچڙندڙ بيماري- وبا.
ڪال ڪوٺڙي، ث. اونداهي ڪوٺي. قيد. ڦاسيءَ جي ڪوٺي.
ڪالڪا، ث (سن) ڪاروڻڪو. ڪاراڻ- ڪارَنهن.
ڪالڪان، ث (سن) ڪالي ديوي. ڪالي ماتا جو آستان.
ڪالَ ڪَڇي، ث. هڪ قسم جو ننڍڙو پکي- ڪان ڪڇي. (ص) ٻڇڙي- بدصورت.
ڪالَمُ، ذ (انگ) صفحي جو هڪ حصو (مٿي کان هيٺ تائين).
ڪالُورَہُ، م. پاڻيءَ کي لُڙ ڪرڻ. لُبڻ- جهڳورڻ (پاڻي).
ڪالُوني، ث (انگ) نئين آبادي- وَسِين.
ڪالهہ، ظ (سن) گذريل ڏينهن- ڪلهہ.
ڪالِي، ث (سن) دُرگا ديوي (جنهن تي هندو انسان جي قرباني ڏين).
ڪاليجُ، ذ (انگ) اعليٰ درسگاه (جنهن ۾ مئٽرڪ کان پوءِ تعليم ڏني وڃي).
ڪامَ، ث. ڇت اڏڻ لاءِ ڏگهي ۽ ٿلهي ڪاني- شهتير. لڪڻُ (وهٽ هڪلڻ لاءِ).
ڪام، ذ (ف) خواهش- آرزو- سَڌ. ارادو- مقصد.
ڪَامُ، ذ (سن) عشق. شهوت. نفساني خواهش.
ڪامديُو، ذ. عشق جو ديوتا.
ڪامرانُ، ص (ف) ڪامياب- سوڀارو. خوشنصيب- سڀاڳو.
ڪامراني، ث. فتح مندي. سڀاڳائي. ڪاميابي. خوش نصيبي.
ڪامڙيو، ص. ٻني ٻاري يا ڪانيءَ ڪڻڻ وارو مزور.

کامگار: ص (ف) سڀاڳو- خوشنصيبت. زراعت کاتي جو هڪ ملازم (جيڪو پوکن جي جنسن جي نظرداري ڪري).
ڪامِلُ: ص (ع) مڪمل- پورو- سالم. سڄو سارو. جملي- سمورو. پَڪو- مضبوط. عارف- خدا وارو.
ڪامِنا: ث (سن) خواهش- سَڌ- تمنا. دل جي مراد.
ڪامَڻُ، ڪامِڻُ: ذ. جادو- سحر. پڙهيا- ٻوهه. شادي وغيره جي رسمن جو ساٺُ سَوڻ.
ڪامِڻِ: ث. ڪامِڻي- عورت.
ڪامِڻي: ث. نازڪ ۽ سهڻي عورت. بيحد محبت ڪندڙ عورت. ڪامَڻ (جادو ٽوڻو) ڪندڙ عورت.
ڪامودَ: ث. هڪ راڳڻي جو نالو.
ڪامورو: ذ. سرڪاري ملازم (جيڪو حڪومت جي ڪمن جي نگراني ڪري).
ڪامَهَہ: ث. ڏکڻ- اولهه ڪُنڊ کان لڳندڙ هوا.
ڪامِيابُ: ص (ف) فتح مند- سوڀارو. پاس (امتحان يا آزمائش ۾).
ڪاميابي: ث. سوڀ- فتح مندي.
ڪانُ: ذ (سن. ڪانڊ) ڪاني مان ٺهيل تيرُ (سڄي سَر ۾ لوهي ڇهنب هڻي ٺاهيل تير).
ڪانا: ذ. پوک جا ڳنا. پوک جا سُڪل ڪانا. سُڪل ڪانن وارو گاهه.
ڪانبَ: ث. ڪانبو.
ڪانبو: ذ. ڪُلهن کان چيلهه تائين پُٺن پاند ڪپڙو ٻڌي ٺاهيل جهولي (جنهن ۾ لُٽل گاهه يا وَلِ وجهجي).
ڪانبو ٻڌڻ: ميڙ چونڊ ڪرڻ. جيڪي ملي سو جهوليءَ ۾ وجهڻ.
ڪانبِيَ: ث. گوڏا اُڀا ڪري ويهڻ لاءِ چيلهه کان وراڻي ٽنگن سان ٻڌل ڪپڙو (گهڻو وقت ويهڻ لاءِ گهڻو ڪري ڪانبِ ٻڌن).
ڪانبِيَ ڪڍڻ: ڪانبِ ٻڌي ويهڻ. هڪ مَنو ٿي ويهڻ. ٺهي ٺُڪي ويهڻ.
ڪانهو: ذ. جهولي (گاهه يا ڪک ڪانن جي). پَروٽڙي (گاهه جي).
ڪانهُو: ص. بردبار- ڪانڌ وارو. صَبر- سگهارو.
ڪانٽو: ذ. ننڍي ساهمي- ٽَڪڙي. ساهميءَ جي سُئي. تور جي وڏي ساهمي. واچ يا گهڙيال جي سئي. ريل جي پٽي بدلائڻ جو اوزار. ڪاڏي ڪاڙهڻ لاءِ نوڪدار چمچو. وارن ۾ هڻڻ يا قميص چولي وغيره کي ڦابو ڪرڻ جو ڪانٽو.
ڪانٽو مَٽائڻ: ڳالهه ڪڙي وات ڇڏي ٻي وات وٺڻ. رخ تبديل ڪرڻ.
ڪانپَ: ث (انگ. ڪئمپ) ڇانوڻي (لشڪر جي).
ڪانڇي، ڪانڇهي: ث. جانورن جي پيڇي. ڪپڙن کي ڪلف ڏيڻ لاءِ پيچ.
ڪانڇَ: ث. سُٿڻ- سلوار.
ڪانڇَ لاهڻ: بزدلي ڏيکارڻ- گيدي ٿيڻ.خواري ڪرڻ.
ڪانچُ: ذ. شيشو.
ڪانڌُ: ذ (سن. ڪانت) مڙس- ڀتار- وَرُ.
ڪانڌِي: فوتيءَ جي جنازي جي ڪفن دفن ۾ شريڪ.
ڪانڌيو: ذ. ڪانڌين ۽ فوتيءَ جي گهر وارن کي ڦاٿو ٽوڙائڻ جي ماني.
ڪانڊارَ: ث. لڳن ۾ ڏڪڻي (ڏپ يا ڪاوڙ ۾).
ڪانڊارجَڻُ: م. لڳن ۾ ڏڪڻي ٿيڻ (ڏپ يا ڪاوڙ کان). جسم جا وار اُڀا ٿيڻ. بدن ۾ سيسِراٽ ٿيڻ (ڪنهن واقعي يا حادثي ڏسڻ سان).
ڪانڊو: ص. ڪَنڊن وارو (وڻ، ٻوٽو). ٻَلي يا مڇيءَ جو ڪنڊن وارو اڌ پاسو.

ڪانديرو؛ ذ. هڪ قسم جو ٻوٽو.
ڪانديري؛ ث. ٻوٽي جو هڪ قسم.
ڪانڌَ؛ ث. نيندَ- ڪوٺَ- سڏُ- دعوت (شادي وغيره جي ڪاڄ جي). اطلاع- سُڌ.
ڪانڙو؛ ذ. هڪ راڳڻيءَ جو نالو.
ڪانَس؛ ث. پڪي اڏاوت ۾ ڇت، درن درين جي سهائي لاءِ ڪنگرن واري پَٽي.
ڪانسٽيبل؛ ذ (انگ) پوليس جو سپاهي.
ڪانڦُل؛ ذ. هڪ ٻوٽو جنهن جا پن ۽ ڦر دوا طور ڪم اچن.
ڪان ڪان؛ ث. ڪانوَن جو آواز.
ڪان ڪَڻِي؛ ث. پکيءَ جو هڪ قسم.
ڪانگُ؛ ذ. هڪ مشهور پکي- ڪانءُ- ڪِيانتو- زاغ. (ص) ڪانءُ جهڙو حرفتي. چالاڪ.
ڪانگَ اُڏائڻ؛ پيغام موڪلڻ. ڪنهن جي اچڻ جي انتظار ۾ ڪانگ اُڏارڻ جو سَوڻ ڪرڻ.
ڪانگَ تَڙو؛ ص. پوک تان پکي هڪلينڊڙ- جهار هڪلينڊڙ. جهار کي ديڄارڻ لاءِ ڪپڙي جو ٺهيل ٻوتو (جيڪو ٻنيءَ ۾ ٽنگي ڇڏجي)- اوڙو.
ڪانگُلُ؛ ذ. ڪانءُ- ڪانگ.
ڪانگريس؛ ث (انگ) جلسو- مجمعو- اجتماع.
ڪانگو؛ ذ. ڪانءُ- ڪانگ.
ڪانگورو، ڪانگيرو؛ ذ. گهڻن ڪانون جو گڏ ٿي 'ڪان ڪان' ڪرڻ. ڪانون جو لُڙ.
ڪانگڙ؛ ث. جُوئر جو هڪ قسم. لاباري ڪان پوءِ پوک جون باقي رهيل ڪُنون ۽ ڪانا وغيره.
ڪانگهاري؛ ث. ڪير سُڪائي ويل چوپائي. گهڻو وقت ڏهائي ڪان پوءِ وِهڪي ويل چوپائي- ڪانگهاري.
ڪانو؛ ذ. ٻاجهري جوئر وغيره جو ڳنو. سَرَ جو تِيلو. زمين جي ماپ جو ڪانو. ساهميءَ جو ڳنُ (جنهن جي پُڄڙين ۾ پَڙَ ٻڌجن). تاڃيءَ کي سڌي بيهارڻ جي ڪاني (ڪورڪي ڪم جو اوزار).
ڪانو ڪَڇَڻُ؛ قبر جي کوٽائي لاءِ مَيت جي ڪاني سان ماپ ڪرڻ.
ڪانويرو؛ ذ. ڪانون جي 'ڪان ڪان'- ڪانگيرو.
ڪانهَ؛ ظ. ڪٿي- ڪيڏانهن- ڪهڙي هنڌ.
ڪانهن؛ ذ. هڪ قسم جو ٻوٽو (جنهن جي ڪاني مان قلم ٺاهجن)- سَڃو سَرُ. گاهه جو هڪ قسم.
ڪانهرو، ڪانهلو؛ ص. هيٺو- ڏٻرو. سست- ڪاهل- ٽوٽي. ڏڪويل. نرم دل.
ڪانءُ؛ ذ. هڪ مشهور پکي- ڪانگ- ڪيانتو- زاغ. (ص) ڏاهو- سياڻو. چالاڪ.
ڪانئرُ؛ ص. بزدل- ڊڄڻو- گيدي. ڪاهل- ٽوٽي.
ڪانئل پيرُون؛ ذ. هڪ ٻُوٽي جو قسم (جنهن جو ٻج پسارڪي وکر طور ڪم اچي).
ڪاني؛ ث. سَرَ جو تِيلو- ڪانو. ڪانهن جي ڪاني مان ٺهيل تِيرُ. تڙانڊي. ڪانهن جي ڪاني مان ٺهيل ڦُوڪ سان وڄائڻ وارو ساز (ڪاني. بانسري). سُرمي پائڻ لاءِ سَرائي. ساهمي جي ڳِني.
ڪاني هڻڻ؛ پاراتو ڏيڻ- پٽَ هڻڻ.
ڪانيارو؛ ص. ڪاڻِ وارو- آئيورو. گهٽ- ڪَسو. عيبدار. مَياري. گهُرجائو- ضرورتمند. (ث. ڪانياري).
ڪانيرو؛ ذ. هڪ قسم جو پاڻيءَ پکي.
ڪاڻَ؛ ث. ڪَمي- کوٽ. تور ۾ گهٽتائي- ڪَسُ. ڪَسَر. نقص- عيب. گهُرج- ضرورت- حاجت. پرواهه- غرض.
ڪاڻَ ڪَڍڻ؛ پرواهه ڪرڻ- غرض رکڻ. سانگو ڪرڻ- لحاظ رکڻ.

ڪاڻيارو: ص. عيبدار. مياري- حرفي. گلارو. داغدار. مهٽي هاب. غرضمند. (ڪاڻياري).

ڪاڻو: ص. عيبدار. هڪڙي اک وارو- يڪ چشم. (ث. ڪاڻي).

ڪاڻي: ث. جوئر جو هڪ قسم.

ڪاوڙ: ث. چڙ- غصو. ناراضگي. رُسامو- رنج.

ڪاوڙائڻُ: م. چيڙائڻ- چڙ ڏيارڻ. ڏمرائڻ. ناراض ڪرڻ- ڪاوڙ ڏيارڻ. رُسائڻ. رنجائڻ.

ڪاوڙڻُ، ڪاوڙجڻُ: م. ڏمرجڻ- ناراض ٿيڻ. جوش ۾ اچڻ. ڪاوڙ ڪرڻ.

ڪاوڙيلُ: ص. ڏمريل- ناراض- چڙيل. رُٺل.

ڪاوش: ث (ف) تلاش- ڳولا. جستجو- جاکوڙ. دشمني- رنج.

ڪاهَ: ث. جُلهه- حملو- يورش. هلڻ- ڌوڪ. اوچتي چڙهائي.

ڪاهلُ: ص (ع) سُست- آرسي- ٽوٽي. ڪم چور. ٽڪل. هيڻو- ڏبرو.

ڪاهلي: ث. سُستي- آرس. ڍرائي.

ڪاهنُ: ذ (ع) غيب جون خبرون ٻڌائيندڙ. پيشنگوئي ڪندڙ. بتخاني جو وڏو پُوڄاري.

ڪاهڻُ: م. ڪاهه ڪرڻ- حملو ڪرڻ. چڙهائي ڪرڻ- لشڪر ڪشي ڪرڻ. اوچتو حملو ڪرڻ. هلڻ- اڳتي ڌوڪڻ. پنڌ ڪرڻ- منزل ڏانهن هلڻ. هڪلڻ (چوپايو جانور).

ڪاهُو: ذ. هڪ قسم جو ٻج (پسارڪو وکر).

ڪائناتَ: ث (ع) مخلوقات. دنيا- عالم. جڳ جهانُ. سنسار.

ڪاڻو: ذ. شيشو- ڪاچُ- آرسي. ڇت ۾ ڪامَ مٿان رکڻ جي ننڍي ڪاٺي. سمنڊ ۾ ويرَ جي لاٽَ. درياء ۾ پاڻيءَ جي لاٽ يا ڇينهرو.

ڪاڻو ڏيڻ: لاٽ ڪرڻ- لهڻ. گهٽ ٿي وڃڻ (ٽپ وغيره).

ڪاڻونسَلَ: ث (انگ) مشورو- صلاح. رٿا- منصوبو. ٻئي ملڪ ۾ پنهنجي ملڪ جي حقن جي حفاظت لاءِ آفيسر.

ڪاڻونسلرُ: ذ (انگ) مشير- صلاحڪار.

ڪائي: ث. هندو لوڪن ۾ مڙدي کي مساڻ ڏانهن کڻي وڃڻ لاءِ ڪکن ۽ ڪاٺين مان ٺهيل ارٿي.

ڪائيه: ث. انڪار- نابري. باراڻي راند ۾ گوهي.

ڪائيه ڪرڻ: انڪار ڪرڻ. پُٺ ڏيڻ. گوهي ڏيڻ.

ڪايا: ث (سن) بدن- جسم- بُت. ڏيلُ- هائي. شڪل- صورت. اصليت.

ڪايا پَلٽ: ث. جسم جي تبديلي. انقلاب. ڦيرو (حالت جو).

ڪايو: ذ. ڪاڻو (ڇت ۾ وجهڻ جي ڪاٺي)- داسو.

ڪَبابُ: ذ (ف) سيخ تي چڙهيل قيمو (جيڪو ٽانڊن تي پچي). (ص) پڪل. تمام گهڻو پڪل- سڙيل.

ڪباب ڪرڻ: پچائڻ. ساڙڻ- جلائڻ.

ڪبابي: ص. ڪباب ٺاهي وڪڻندڙ.

ڪَبِتَ: ث. نظم جو هڪ نمونو. منظوم بند.

ڪَبت ڪرڻ: ڏگهو شعر چوڻ. داستان ٻڌائڻ. قصو ڪرڻ.

ڪِبرُ: ذ (ع) وڏائي- بزرگي- شان. اميري. غرور- تڪبر. پيري- وڏپڻ.

ڪُبري: ص (ع) "اڪبر" جو مؤنث. تمام وڏي.

ڪِبريا: ذ (ع) خدا تعاليٰ جو هڪ نالو. بزرگي- عظمت- وڏائي.

ڪِبريائي: ث. مٿانهون درجو. عظمت.

ڪَبَڪُ: ذ (ف) چڪور (پکي). هڪ قسم جو وڏو تتر (جنهن جي ڇهنب ۽ پير ڳاڙها ٿين).

ڪَبَڪ رَفتار، ص. چڪور وانگر هلندڙ. ناز سان هلندڙ- ٽِلندڙ.

ڪَبُوتَرُ، ذ (ف) هڪ قسم جو مشهور پکي.

ڪَبُوترِي، ث. ڪبوتر جي مادي. سُهڻي ۽ ناچو عورت.

ڪَبِيرُ، ص (ع) وڏو- بزرگ. جوان. شريف ماڻهو. سردار. (١٥- صدي جو) هڪ مشهور درويش شاعر جنهن جا دوها مشهور آهن.

ڪُبُ، ذ. پيريءَ جي ڪري يا ٻي بيماري سبب پُٺيءَ جو ڏنگُ- ڱُڪُ. ڳهٻ.

ڪَٻاڙُ، ذ. ٽِڪل ٽُٽل ڪاٺ جو سامان.

ڪَٻاڙِي، ص. ٽِڪل ٽٽل ۽ پراڻو سامان وڪڻندڙ.

ڪَٻَٽُ، ذ. ڪاٺ جي الماڙي.

ڪَٻَٽِي، ڪَٻَڊِي، ث. هڪ قسم جي راند- ڪوڏي ڪوڏي راند.

ڪَٻَرِ، ث. هڪ قسم جو مشهور پکي.

ڪَٻرو، ص. ڪارن چٽن وارو (جانور)- چٽڪمرو.

ڪُٻڙو، ص. جنهن جي پُٺيءَ ۾ ڪُٻ هجي- ڱُڪو.

ڪُٻو، ص. ڪُٻڙو- ڱُڪو. ڳهٻ پيل. (ذ) ڦُٻو. (ث. ڪُٻِي)

ڪَتِ، ث. ڪتَن جو لڳُ. ڪُتن جي لڳ ڪرڻ جي مُندَ.

ڪَتُ، ذ (ع. قَط) قَط- وِڍُ. قلم جو وَڍ. زمين تي نشان ڪرڻ لاءِ ڪوڏر جو ٽَپُ.

ڪَتُ وجهڻ، وِڍ ڏيڻ. ڪَپُ هڻڻ (ڪوڏر سان).

ڪُتِ، ث. تمام سَنهان ۽ ننڍڙا جيت (جيڪي ڏسجڻ ۾ نـ اچن ۽ جسم تي چڪ هڻن). ولن جي پڻ جي سنهي ٻج.

ڪُتِ خلق، ث. عام ماڻهو. رواجي ماڻهن جو ميڙ. تمام گهڻا ماڻهو.

ڪِتابُ، ذ (ع) لکيت- نوشتو- تحرير. پُستڪ. نسخو- مُسودو. رسالو. وَهِي- رجسٽر.

ڪتاب الهي، ذ. خدا جي طرفان ڪنهن پيغمبر تي نازل ٿيل ڪتاب- الهامي ڪتاب (توريت، انجيل، زبور، فرقان).

ڪتاب تي چاڙهڻ، رجسٽر ۾ لکجڻ. ڪاتي ۾ درج ٿيڻ. حساب ۾ لکجڻ.

ڪِتابَتَ، ث (ع) لکيت- تحرير. ڪاپي نويسي- اُتارو.

ڪَتانُ، ذ (ف) هڪ قسم جو نفيس ڪپڙو.

ڪَتائِڻُ، م. ڪپهه مان سُٽ ٺهرائڻ.

ڪَتَبُ، ذ. ڪم- فعل. هنر. پاڪڙي جي هڪ ڪاني.

ڪَتب اچڻ، ڪم اچڻ- ڪم ۾ اچڻ. فائديمند ٿيڻ.

ڪُتُبُ، ذ (ع) "ڪتاب" جو جمع.

ڪُتبخانو، ذ. لئبرري. ڪتاب گهر. ڪتابن وڪڻڻ جو دڪان.

ڪُتب فروش، ص. ڪتاب وڪڻندڙ.

ڪَتبو، ذ (ع) يادگار طور پٿر تي اڪريل تحرير (جيڪا مزار، مقبري، درگاه، مسجد يا ڪنهن آثار تي هڻجي).

ڪَتَرَ، ذ. ٿُهَ (اناج جا)- ڪَڏا- ٿوتَڙ. بُوسو.

ڪَتَرِ، ث. ڪئنچي. ڪپڙي جون ٻچيل ٽُڪريون. ڇانگ. ڪاٽَ- ڪَٽَ ڪُٽ. ڪَمِي.

ڪُتَرِ، ڪُتِرِ، ث. ساٿي يا سُڪل گاهه جي ڪُتِر (جيڪا مال جي چاري طور ڪم اچي). سوپارين جو چُورو.

ڪُترِجَڻُ، م. وڍجي ذرا ذرا ٿيڻ- ڪُوٽي ڪان ڪاڄڻ (ڪاني، ڪپڙو وغيره).

ڪَترَڻُ: م. وڍڻ (ڪئنچيءَ سان). ذرا ذرا ڪرڻ.

ڪُترَڻُ: م. ڏنـدن سان ڪَـٽڻ. ڪُٽي جو ٽُڪـڻ. ٽُڪڻ. وچان ڪجهه رقم ڪڍي ڇڏڻ.

ڪَترو: ذ. مڇي پلي جو بيرو- ڳيو.

ڪَتري: ث. مِروُن جو نيش هڻڻ. ڏاند جي سڱ جو زخم. ٿونو.

ڪَتري هڻڻ: دغا ڪرڻ. خيانت ڪرڻ. اوچتو ڏک ڪيڻ.

ڪِتڪِت، ڪِتڪِتائي، ڪِتڪِتوڻي: ث. ڪڇ يا پيٽ ۾ آڱرين جي ڇهاءَ سان ڪلائيندڙ احساس.

ڪَتڪو: ذ. مُهرو- سَٽڻ يا ڪُٽڻ جو مُهلڙو.

ڪَتَلُ: ث. کجُور- خُرمو.

ڪَتَڻُ: م. آئٽ ذريعي ڪپهه، ڏاس وغيره مان تند ناهڻ. سُٽ ناهڻ.

ڪُتو: ذ. هڪ مشهور گهرو جانور- سَگُ. بندوق جو گهوڙو.

ڪُتائي: ص. ڪُتا ڌاريندڙ.

ڪُتا ڇڄائڻ: سزا ڏيڻ- جُت ڪرڻ.

ڪُتي ڇاپُ: ص. نقلي- عام رواجي.

ڪَتي: ث (سن. ڪارتڪ) سنت سنه جو اٺون مهينو. هڪ نکٽ (ستن تارن جو جهڳٽو)- ثريا. سرءَ جي مند وارو فصل- خريف جو فصل.

ڪَٿَ: ث. اندازو- ٿَڪَ- تخمينو. ڳاڻيٽو- شمار. قياس آرائي.

ڪَٿَ ڪرڻ: اندازو لڳائڻ. تخمينو ڪرڻ.

ڪِٿِ: ظ. ڪِٿي- ڪهڙي هنڌ.

ڪَٿا: ث (سن) قصو- ڪهاڻي- آکاڻي. بيان- ذڪر.

ڪَٿا ڪرڻ: ڳالهه کي ديگهه ڏيڻ. بيان شروع ڪرڻ.

ڪِٿان: ظ. ڪهڙي هنڌ جو. ڪهڙي طرف يا ملڪ جو.

ڪَٿائڻُ: م. ڪَٿ ڪرائڻ- تخمينو ڪرائڻ. اندازو لڳارائڻ.

ڪَٿڻُ: م. اندازو لڳائڻ- ڪَٿ ڪرڻ. تخمينو ڪرڻ. شمار ڪرڻ- ڳڻڻ. مُلهه ڪرڻ.

ڪَٿو: ذ. هڪ قسم جو پسارڪو وکر (پانَ جي پن تي لڳائبو).

ڪِٿي: ظ. ڪنهن هنڌ. ڪهڙي طرف.

ڪِٿي ڪِٿي: ظ. ڪن ڪن هنڌن تي- ڇڊو پاڊو- ورلي.

ڪَٽَ: ث. وِڍَ. تخفيف- وضع. ڪِمِي. لاٽَ. ڪَٽر. رياضي موجب عدد گهٽائڻ جو اصطلاح.

ڪَٽَ ڪُوٽَ: ث. وِڍ ٽُڪَ. ڇانگ. تخفيف.

ڪَٽِ: ص (انگ) ڪَٽيل- وڍيل.

ڪَٽ پيسَ: ذ. ڪپڙي جي تاڪيي مان بچيل ٽڪرا (جيڪي سستا وڪامن).

ڪَٽ ڪرڻ: پاسو ڪرڻ. ڏسي مُنهن ڦيرائڻ.

ڪَٽُ: ذ. ڪَسُ- زنگ. ڪُوري ۾ گڏ تيل لوهه جو مُرچو- مورياڻُ. ڪپڙن جي ڇِرَ ۾ ڪم ايندڙ مصالحو. ڪلفت- بيائي- نفاق.

ڪِٽُ: ذ. تيل جي تَر ۾ گڏيل ميلُ. حقي چلم جو ميل.

ڪُٽَ: ث. ڏنبي سان ڪُٽي اتو ڪرڻ جي حالت- ڇِٽَ. مارَ. سَٽَ.

ڪُٽُ: ذ. هڪ قسم جو تاتو (جيڪو جست ۽ پتل جي ملاوت مان ٺهي)- ڪَنجهو. (ص) خصي تيل جانور. مڙسي کان ويئل. هِسيل. ڇَٽ- برباد.

ڪُٽ ڪرڻ: خصي ڪرڻ. ماري ڪُٽي هيسائڻ. تابع ڪرڻ- مطيع ڪرڻ. برباد ڪرڻ- ڦٽائڻ.

ڪَٽارُ: ث (سن) هڪ قسم جو ٻڌهو خنجر.

ڪَٽاري: ث. ننڍو خنجر.

ڪَٽاهُ: ذ. ڪپڙي تي زريءَ جو پرت.

ڪَتائِڻُ م. وياٹڻ. گهٽ ڪرڻ. ڇانگائڻ. ڪَٽ ڪرائڻ.

ڪَتائِي ث. وياڻڻ جي اجرت. وَڍ (ولن جي). ڇانگ.

ڪُتائِڻُ م. سَٽائڻ. اُڪري ۾ وجهي سنهون ڪرائڻ- مار کارائڻ. پيچ ڏيارڻ. سيڪت ڏيارڻ.

ڪَتِبَڻُ م. وڍجڻ. ٽڪجڻ. اُٽامڻ (رنگ). خارج ٿيڻ (نالو). ڪاٽا ٿيڻ (لفظ). وضع ٿيڻ (پگهار). گذرڻ (ڏينهن). ڪَسجڻ- زنگ لڳڻ.

ڪُتِبَڻُ م. سَٽجڻ. مار کائڻ. سَنهون ٿيڻ- پيهجڻ (اکري ۾).

ڪُتِبي ڪَتا ٿيڻ سخت عذاب ۾ اچڻ. مصيبت ۾ ڦاسڻ. چِٽ ٿيڻ.

ڪَتَرُ ذ. سنهون ننڍڙو پٿر جو ذرو- ڪَڪرو. اک ۾ پيل ڪڪرو- سَرِٽُ. پِٽَر جو ذرو (اک ۾ اُڻامي پوي). بياٺي- ڪدورت- ڪِينو. (ص) سخت ضدي. بي رحم- سنگدل.

ڪَتَر پوڻ اک ۾ ڪڪرو پوڻ. بياٺي ٿيڻ. ڪلفت پوڻ. غيرت اچڻ.

ڪَتَرجَڻُ م. نفاق پوڻ. دل ۾ رنجش ٿيڻ. بدگمان ٿيڻ. ڪدورت ٿيڻ. غيرت اچڻ.

ڪَتَڪُ ذ. فوج- لشڪر- سپاه. انبوه (ماڻهن جو).

ڪُتڪو ذ. سَٽڪو. ٿهڪو. مارو- سَٽ ڪُٽ. رڱيل ڪوري ڪپڙي جو ٽڪرو. ماڻورو.

ڪُتِڪو وجهڻ ٻاڪر ڪُٽو وجهڻ. مارو ڪرڻ. سَٽ ڪُٽ ڪرڻ.

ڪَتِڪي ث. ناراضگي- سخت ڪاوڙ. ڏمر. ڏندن ڪرٽڻ جي حالت ۽ ان جو آواز.

ڪِتلي ث (انگ) چانهه ناهڻ لاءِ ڏنڊيءَ وارو خاص ٿانءُ.

ڪُتمُ. ڪُتمُبُ ذ. ڪُٽنبُ- ڪُڙم.

ڪَٽ مَست ص. ٿلهو- موٽو. تندرست. بيپرواهه. پهلوان.

ڪُٽنبُ ذ. ڪُڙم- خاندان- گهر جا ڀاتي. ٻار ٻچا- عيال.

ڪَٽڻُ م. وڍڻ. ٽُڪڻ. وضع ڪرڻ (رقم)- گهٽ ڪرڻ. ڪپڻ. جدا ڪرڻ. چُنڻ (ناتو). ڪِترڻ.

ڪُٽڻُ م. سَٽڻ- مارڻ. سنهون ڪرڻ (مصالحو). چِٽڻ- ڇلهڻ. مُهري سان اٽو ڪرڻ. ڦيهه ڪڍڻ.

ڪُٽڻُ ذ. دِلال- ڀڙوو- ڏوتو.

ڪَٽو ص. پڪو- پختو. ضدي.

ڪُٽو ذ. ڪنهن بہ شيءِ جو چُورو- ٻُورو.

ڪَٽورو ذ. پِتل يا ٽامي جو پيالو- وَٽو.

ڪَٽوري ث. پيالي- وَٽي.

ڪَٽهڙو ذ. ڪاٺَ يا لوهہ جو جهنگلو (گهر جي ڇت تي اڏيل). ننڍڙي ڀت. ڇَڄَهري. قبر جي چوڌاري چاريءَ واري ديوار.

ڪَٽي. ڪِٽي ث. ٻُهہ ۽ ڪڪن گڏيل چُورو. ٻُوسو. ڇاڻُ. ٻاراڻي راند ۾ دوستي ڇڏڻ.

ڪُٽي ث. گيهہ ۽ کنڊ ۾ ڀوريل ماني- چُوري.

ڪُٽِيا ث (سن) ساڌو فقير جي رهڻ جي جهُڳي.

ڪَٽِيلُ ص. مرچوٺ. ضدي. بخيل. موذي- شُوم.

ڪَٽِ ث (سن. ڪَنٺ) ڳچي- گلو.

ڪَٽِمالا ث. ڳچيءَ ۾ ڀاڻڻ جو هڪ ڳهہ.

ڪَٽُ ذ. "ڪاٺُ" جو مخفف.

ڪَٽ پُتلي ث. ڪاٺ جي گڏي (جنهن ۾ ڌاڳا ٻڌي نچائي تماشو ڪن).

ڪِٽُ ذ. ٽالهي يا شيشم جي ڪاٺ جو اندريون ڳڀُ. شيشم جي ڪاٺي. ڪاٺ جو اندريون سخت حصو (جيڪو ڪارو ٿئي).

كنارَ: ث. كنارو- كپُ (واهه يا كنهن وهكري جو).
كتلُ: ص. كُهي ڇڏيل- ذبح ٿيل. وڍيل.
كنمالَ: ث. ڳچيءَ جو هڪ زيور.
كنو: ظ. گڏ- مجموعي سان- مِلي- گڏجي- پيڙو. يكو- سڀ- جملي.
كنو كرڻ: ميڙي چونڊي گڏ كرڻ.
كنورِ: ص (سن) سخت دل- بيرحم. ظالم.
كثافتَ: ث (ع) گهاٽاڻ- گهراٽي. آلودگي. گندگي- نجاست.
كثرَ: ث (ع) واڌ- اضافو. گهڻائي. فائدو- لاڀُ.
كثرتَ: ث (ع) گهڻائي- افراط- جهجهائي. گهڻ- فراواني.
كثرت راءِ: ث. جهجهن جي راءِ.
كثيرُ: ص (ع) تمام گهڻو- بي انتها- حد كان وڌيڪ.
كثيفُ: ص (ع) گهاٽو. ميرو- گندو.
كپُ: ذ. واهه يا كنهن وهكري جو كنارو- كنڌي- ساحل. ڇاڙون.
كپاٽُ: ذ (سن) دروازو- لنگهه. حواسَ.
كپاٽ كُلڻ: دماغ كلڻ. سمجهه اچڻ. هوش اچڻ.
كپارُ: ذ (سن. كپال) كاپار- كوپري. مغز. نصيب- پيشاني.
كپاهَ: ث. كپهه.
كپائڻُ: م. وڍائڻ. كُهائڻ.
كپتَ: ث (ك+ پَتِ) بي ويساهي- بي ايماني. خيانت. دولاب.
كپتيو: ص. بي ايمان. ٺڳ. فريبي. ويساهه گهاتي كندڙ. خيانتي.
كپتانُ: ذ (انگ) فوج جو هڪ عملدار. جهاز جو وڏو عملدار. كركيٽ فٽ بال وغيره راند جو اڳواڻ.
كپَٽُ: ذ (سن) دوكو- دغا. كينو- بغض.

كپٽي: ص. دغاباز- فريبي.
كپڇڻُ: م. وڍجڻ.
كپڄُ: ذ. خراب ٻج جيكو نه ڄمي (ڄمڙي جي خرابي).
كپَرُ: ذ. كپُ- كنارو- ٻَرِ- كنڌي.
كُپَرُ: ث. بدرسمي- نامناسب هلت. بدپرهيزي. اڻ رهائيندي رسم.
كپَڙُ: ذ. كپڙو. هٿ سان اُڻيل كاڏي جو كپڙو (جيكو كهرو ۽ ٿلهو ٿئي).
كپڙ ڇاڻُ: ص. كپڙي مان ڇڻيل (تمام سَنهون).
كپڙ كوٽُ: ذ. چادر وغيره جو پردو يا اوٽَ. طنبو- خيمو.
كپڙا: ذ. كپڙن جو وڳو. زناني ماهواري- ڦُلَ.
كپڙا اچڻ: ماهواري اچڻ- ڦُل اچڻ.
كپڙو: ذ. سُٽ. ريشم يا اُن مان ٺهيل پارچو (جنهن مان پوشاك ٺهي). وڳو- پوشاك- لباس.
كپڙا لهرائڻ: اگهاڙو كرڻ. ٺُر لُٽ كرڻ.
كپڙو لاهڻ: پردو لاهڻ- ظاهر كرڻ. راز كولڻ. عيب اگهاڙڻ.
كپڙو لٽو: ذ. ويس وڳو.
كُپڙو: ذ. ٺكر جو ٿيو- كُپو.
كُپڙي: ث. ننڍي ٿيي (ٺكر جي). تيل، مَسُ وغيره وجهڻ جو ننڍڙو ٿانءُ.
كپڻُ: م. وڍڻ. كاٽڻ. جدا كرڻ- تار كرڻ.
كُپو: ذ. چمڙ جو وڏو مَٽُ يا ٿانءُ (جنهن ۾ گذريل وقت ۾ گيهه، تيل يا ماكي وغيره ركندا هئا)- دٻو. ٺكر جو ٿيو. (ص) سوٿل- ڦُوكيل.
كپوتُ: ذ (سن. ك+ پُتر) نالائق پُٽ. (ص) نافرمانبردار.
كپورُ: ذ (سن) كافور (هڪ قسم جو خوشبودار

پسارڪو وکر).

ڪَپهِ، ث. ڪَڪڙا نڪتل ڦٽيون- ڪَپاهہ.

ڪَپي، ث. لوهہ يا ڪاٺ جي چَرخي- پُوڻ. ڦِرڪي (جيڪا بار کڻڻ جي ڪِرين وغيره ۾ ڪم اچي).

ڪُپي، ث. ننڍي دَبي. نڪر جي ڪُپڙي. مس وغيره وجهي رکڻ لاءِ ٿيپي.

ڪَڄ، ص (ف) ڏِنگو- ڪُبو. ڦِڏو- چبو. مُڙيل- وَريل.

ڪَڄ ادا، ص. بدمزاج. بي لحاظ- بي مُروت.

ڪَجاوو، ذ (ف. ڪَجاوَه) اُٺ تي ماڻهن جي سُواري لاءِ ڪاٺ جي ڏولي.

ڪَڄ بَحَث، ص (ف) جهيڙاڪ- تڪرار ڪندڙ. اجايو ضد ڪندڙ- بحثي- ضدي.

ڪَڄ رَفتار، ص (ف) ڏنگو هلندڙ. (ڪناية) آسمان.

ڪَڄ رَوِي، ث (ف) ڏنگي چال. اڏنگي روش.

ڪَڄ فهمُ، ص (ف) اونڌي سمجهہ وارو- بيعقل.

ڪَڄ ڪُلاه، ص (ف) بادشاه. معشوق.

ڪَجَلُ، ذ (سن) ڏِيي جي ڪارَٺ جيڪا ٿانءَ مٿان رکي گڏ ڪبي، ۽ اها اکين ۾ سينگار طور ڪم اچي.

ڪُجا، ظ (ف. ڪُجا) ڪٿڙو. ڇا.

ڪُجاڙو، ظ. ڪهڙو. ڇا.

ڪَجَڻُ، م. چِڙڻ- وسارڻ. لڪائڻ.

ڪُجهہِ، ص. ٿورو ذرو- ڪي قدر. جزوي.

ڪُجهہ ٿيڻ، ڪو ڪم ٿيڻ. ڪم ۾ واڌارو ٿيڻ. نقصان پهچڻ.

ڪُجهہ ڪُجهہ، ص. ٿورو گهڻو- ڪي قدر. ٿورو ٿورو- ذرو ذرو.

ڪجهہ چوڻ، ڪا ڳالهہ چوڻ. هدايت ڪرڻ. تنبيهہ ڪرڻ. اڻ وڻندڙ ڳالهيون ڪرڻ.

ڪُجهہ ڪري وڃڻ، نيڪي ڪرڻ- ثواب جو ڪم ڪرڻ. وقت جو فائدو وٺڻ.

ڪُجهہ نہ ڪُجهہ، ظ. ڪي قدر. ٿورو گهڻو.

ڪَچَرُ، ذ. اصل ۾ راجپوتانا جي هڪ خانہ بدوش قوم (جيڪا عورتن کان بدپيشو ڪرائيندي هئي). (ص) ڀڙوو- دلو.

ڪَچِري، ث. ڪچر قوم جي عورت. رنڊي- دلي. ڪسبياڻي. ڀڙوي. ناچو عورت- رقاصہ.

ڪَچ، ث. 'ڪچو' جو مخفف. ڪَچاڻِ. نقص- عيب. خامي.

ڪَچ مِٺو، ص. اهو ڦل جيڪو ڪَچو هجڻ جي باوجود مِٺو هجي.

ڪَچُ، ذ. شيشو- ڪانچُ. مَٽُ.

ڪَچُ مٿڻ، گارگند ڪرڻ. اڏنگو ڳالهائڻ. بدشد ڳالهائڻ.

ڪچ، ث. گپَ- چِڪَ. ڪَچري واري گپَ. ترڪڻ واري گپ.

ڪُچَ، ث. ٻُبيءَ جي ڏُنڍي- چُوچِي. چوڪَ (اگر يا ڪائيءَ جي)- اشارو.

ڪُچ ڪُچ ڪرڻ، ذري ذري چوڪون ڏيڻ. وري وري چوڻ. تنگ ڪرڻ.

ڪَچالو، ذ. هڪ قسم جي آبي ٻوٽي جي پاڙ جيڪا ڀاڄي طور ڪم اچي.

ڪَچائي، ث. اڻ پڪائي. ناپختائي. خامي- نقص.

ڪُچرُ، ص. وڏن ڪُچن وارو. بدافعالو. گبدي. بيحيا.

ڪُچرائي، ث. بي افعالائي- بدلچائي. اڏنگائي.

ڪِچرو، ڪَچرو، ذ. گند- ٻُهرُ. گندگي- ڪِنُ.

ڪَچريُون، ث. چڀڙن يا ريبڙن جا سُڪل ڳترا (جيڪي ڀاڄيءَ طور ڪم اچن).

ڪَچڙو، ص. تمام ڪچو. نازڪ (گاهہ). (ث. ڪَچڙي).

ڪچ ڪچ، ث. گپ ۾ هلڻ جو آواز. سُوڳَ جو احساس.

ڪَڇَ ڪوڏِي، ث. ڪوڏيءَ جو هڪ قسم.
ڪَچو، ص. اڻ پڪو- خام. ناپختو. اڌ پڪو. سائو (ميوو). اڌ ڳريل. اڌ رڌو. ڪمزور. ناتجربيڪار. خالص- نج. سيکِڙات. ڪکن، مِٽي يا ڪچين سِرن جو (گهر). (ذ) درياء جي ڇڏيل زمين (جيڪا سيلاب وقت پاڻي هيٺ اچي، وري سُڪي وڃي). (ث. ڪَچِي).
ڪَچو پَڪو، ص. اڌ رڌو- اڌ پَڪو. جهڙو تهڙو.
ڪَچو ڪرڻ: وعدو پورو نہ ڪرڻ. ڏنو ڪرڻ- شرمسار ڪرڻ. ڪپڙي کي هلڪا بخيا ڏيڻ- ڪوڪَ ڪرڻ.
ڪَچو کائڻ، سخت ڪاوڙ ڪرڻ. ڏمرجڻ.
ڪَچِي سِرَ، ث. مٽيءَ جي اڻ پڪل سِرَ.
ڪَچِي عُمرِ، ث. ننڍي عمر. ناسمجهي. ناتجربيڪاري.
ڪَچِي ننڊَ، ث. پوريءَ طرح نہ آيل ننڊ- ننڊ جي شروعات.
ڪُچو، ذ. زيرناف جو وارُ. خسيس شيءِ.
ڪُچا پٽڻ، ڪُچا کوهڻ: ڪجهہ بہ نہ ڪرڻ. اجايا ڪم ڪرڻ.
ڪَچورِي، ث. بيسن ۽ دال وغيره مان ٺهيل ٽِڪي.
ڪَچُونبرُ، ذ. ڪاتر ٿيل بصر.
ڪَچُونبر ڪرڻ، وڍي ذرا ذرا ڪرڻ. ڇِٽڻ- ڇِلهڻ.
ڪَچهَرِي، ث. جلسو. دربار. رهاڻ لاءِ گڏجاڻي. رهاڻ- وندر. ڪورٽ- عدالت.
ڪَچِي، ث. ڪَچائي- عيب. گِلا. بدنامي.
ڪَچِي ٽِڪي، ث. عيب ثواب جي ڳالهہ. عيب جوئي.
ڪَچِيءَ کان، ڪچيءَ ۾: ظ. منڍ کان- شروع کان. سِرجندي ئي. جمڻ سان.
ڪَڇَ، ث. ڪُلهي جي جوڙ وارو سَنڌُ- بَغل. پاسو- پهلو.

ڪَڇُون لوڪڻ، موج ۾ اچڻ. خوش ٿيڻ.
ڪَڇُ، ذ. سنڌ جي ڏکڻ واري علائقي جو نالو (جيڪو هن وقت ڀارت جو صوبو آهي).
ڪُڇُ، ص. ڪُجهہ. ٿورو ذرو. ڪي قدر.
ڪَڇائِڻُ، مر. ماپائڻ. وِهٽ ڪرائڻ.
ڪِڇرو، ص. گدلو- گندو. ميرو. (ث. ڪِڇري).
ڪَڇِڙِي، ث. ڳچ، چولي يا پهراڻ جي ڪَڇ واري هنڌ کان لڳل ڪپڙو.
ڪَڇَڻُ، مر. ماپڻ- ماپ وٺڻ. وِهَٽ ڪرڻ (ڪپڙي جي).
ڪَڇِي ڪاڙهُ، هُوند سارُو خرچ ڪرڻ. سوچي ويچاري ڪم ڪرڻ.
ڪُڇَڻُ، مر. چوڻ- ڳالهائڻ- ٻولڻ. بيان ڪرڻ.
ڪَڇو، ذ. ننڍڙي چَڏي- لنگوٽي. جبل جي اوير وارو پاسو.
ڪَڇوٽِي، ث. لنگوٽي.
ڪَڇوراڙِي، ث. بغل ۾ ٿيندڙ ڳُڙُ يا ڦٽ (جيڪو چون ٿا تہ ڏيڏري مارڻ کان پيدا ٿئي).
ڪَڇُٿون، ذ. هڪ قسم جو آبي جانور- ڪيون- وڏو ڪمُ.
ڪَڇِي، ذ. 'ڪڇ' ملڪ جو رهاڪو.
ڪُحلُ، ذ (ع) سُرمو.
ڪَدُو، ذ. هڪ قسم جي وَلِ ۽ ان جو ڦرُ (ڀاڄيءَ طور ڪم اچي).
ڪَدُو ڪَش، ذ. ڪدو کي ڇلڻ جو اوزار.
ڪُدُورَت، ث (ع) لُڙات. ميراڻ. ڪِنُ- گندگي. دل جو غبار. ڪِينو- نفرت.
ڪَدوڪاش، ث (ع) ڪوشش.
ڪَدَه، ذ (ف) گهر. مرڪب لفظن ۾ ڪم ايندڙ (جئن مَيڪده، آتشڪده وغيره).
ڪُڏائِي، ث. بدافعالائي. بدلچڻائي. دل جي ٻيائي.

اندر جو کوٽ- دغابازي.
ڪُڏو؛ ص. اندر کوٽو- دغاباز. بدلچڻو. خراب عادتن وارو. خراب - بڇڙو (ڪم).
ڪُڏا ڪَمَ؛ ذ. خراب ڪم- بدلچڻ. جڏا ڪم.
ڪَڏِ؛ ظ. ڪڏهن.
ڪَڏُ؛ ث. ٽپ- اُڇانگ. ڇالُ. شوق- ترنگ. ريچڪُ.
ڪَڏِڪارَ؛ ث. ٽينگ ٽپو.
ڪَڏائِڻُ؛ م. ٽينگ ڏيارڻ- ٽپ ڏيارڻ- راند ڪرائڻ. وندرائڻ (ٻارَ کي).
ڪَڏَڻُ؛ م. ٽپڻ- ٽينگ ڏيڻ. ٻانور ڪرڻ- ٻڏڻ.
ڪَڏِي پوڻ؛ ٽپي پوڻ (معاملي ۾). خواهہ مخواهہ دخل ڏيڻ.
ڪَڏو؛ ذ. ٽهـــَ جو ذرو. لوڻ جو ذرو. تمـــاڪ جي ڏانڊي. ٿورو ذرو.
ڪَڏهِن، ڪَڏِهي؛ ظ. ڪهڙي وقت. ڪهڙي ڏينهن. ڪهڙي زماني ۾. ڪِٿي.
ڪَڏهِن ڪڏهن؛ ظ. بعضي- ورلي- اتفاق سان- گاهي گاهي.
ڪَڍَ؛ ث. پُٺ- تعاقب. اُلٽي- اُچَلَ- قَيءِ.
ڪَڍَ پوڻ؛ پٺيان ڪاهي پوڻ- پُٺ وٺڻ.
ڪَڍائڻُ؛ م. خارج ڪرائڻ. نيڪال ڪرائڻ. ٻاهر ڪرائڻ.
ڪَڍڻُ؛ م. ٻاهر ڪرڻ. نيڪال ڪرڻ. خارج ڪرڻ. لوڏڻ. پيڙڻ (تيل). چِڪائڻ (عرق). نپوڙڻ (رس وغيره). چوندِ ڪرڻ.
ڪَڍِي؛ ث. ٻٽي کان پوءِ رهيل ٿُهن گڏيل اَنُ ٻُهہ وغيره.
ڪَذا؛ ظ (ع) اهڙيءَ طرح- ائين.
ڪَذابُ؛ ص (ع) نهايت ڪُوڙو.
ڪِذبُ؛ ذ (ع) ڪُوڙ- دروغ.
ڪَرَ؛ ث. سُڌِ- خبر- ڪَلَ. سارسنـيـارَ. خبرچار.

ڪَپُ- ڪنارو- ڪنڌي. پاڻيءَ جي وَهڪَ جو سنڌو. سنوت. (حرف جر) جڻ تہ- هوند- اگر. (ظ) وٽان- کان.
ڪَرَ ڏيڻ؛ خبر ڏيڻ- سُڌ ڏيڻ. پاڻي جو اصل سطح کان هيٺ ٿيڻ.
ڪَرَ لهڻ؛ خبر لهڻ- پوڇواري ڪرڻ. پرگهور لهڻ.
ڪَرُ؛ ذ. ڪَنڌُ- ڳاٽُ.
ڪَرَ پيچڻ، ڪَرَ موڙڻ؛ آرس پيچڻ. سُستي يا ٿڪ کان ٻانهون مٿي ڪري بدن کي موڙا ڏيڻ.
ڪَرُ رکڻ؛ رخ رکڻ (رواني ٿيڻ لاءِ).
ڪَر؛ ذ (ع) طاقت. شان.
ڪَر و فَر؛ ذ. شان شوڪت. رعب تاب- دبدبو.
ڪِرِ؛ ث. ڇارَ- ڪيرِي- رکِ.
ڪُرُ؛ ذ (سن. ڪُل) خاندان- گهرائو. ڪُرم- ڪٽنب- آکهہ. پُري- قوم. نسل. حسب نسب.
ڪُر اُجارُ؛ ص. خاندان جو نالو روشن ڪندڙ.
ڪَراچي؛ ذ. سنڌ جو مشهور شهر.
ڪَرار؛ ص (ع) زور سان يا وري وري حملو ڪندڙ. حضرت علي رضہ جو لقب.
ڪَرارو؛ ص. سخت- ڏاڍو. پهلوان- دلير. سگهارو.
ڪِراڙَ؛ ث. "ڪِرڙن" واري جُوءِ يا ايراضي. "پٽ شاهہ" جي پرسان درياهہ جي پراڻي پيٽ ۾ هڪ ٻيٽ.
ڪِراڙُ؛ ذ. واڻيو دڪاندار- هَٽ واڻيو- مَهتو.
ڪُراڙو؛ ص. پوڙهو- پيرسن- پيرمرد. (ث. ڪُراڙي).
ڪَراماتِ؛ ث (ع) "ڪرامت" جو جمع- ڪرامتون.
ڪِراما ڪاتبين؛ ذ (ع) انسان جا عمل لکندڙ ٻہ فرشتا (جيڪي انسان جي ڪلهن تي ويٺل آهن).
ڪَرامَتَ؛ ث (ع) بزرگي- عظمت. خوبي. بخشش-

عنايت. وليءَ جي اشاري سان ٿيل حيرت انگيز ڪم. عجيب ڳالهه.

ڪراهَتَ: ث (ع) نفرت- ٻيجان. سُوگ.

ڪَرائڻُ: م. ٻئي کان ڪم وٺڻ.

ڪُرائڻُ: م. ڦَٽ سُور ڪرائڻ. ڦَٽ ڦُرڙي چِٽڻ کان اڳ سوڪ ڪائڻ ۽ مٿي خارش ٿيڻ. سُسَڻ.

ڪَرائي: ث. هٿ ۽ ٺونٺين جي وچ وارو حصو.

ڪِرايو: ذ (ع. ڪِرايہ) جاءِ جي مسواڙ. ڀاڙو. ڪنهن شيءِ جي استعمال ڪرڻ جو معاوضو. مزوري.

ڪَربُ: ذ (ع) رنج- غم- ڏُک- درد.

ڪَرب و بَلا: ث. رنج ۽ مصيبت.

ڪَربلا: ث (ع) "ڪرب و بلا" جو مخفف. عراق جو اهو هنڌ جتي حضرت امام حسين شهيد ٿيو.

ڪِرتِ: ث. ڪم- هاج- پورهيو. پيشو. هنر.

ڪَرتا ڌرتا: ص (سن) باني. مک- اڳوان.

ڪَرتارُ: ص (سن) ڪندڙ- ٺاهيندڙ. خالق- مالڪ.

ڪَرتَبُ: ذ. ڪم. هُنر. هٿ ناٿ. عجيب ڪم. ڪارنامو.

ڪَرتُوتَ: ذ. ڪم- فعل. بدليڇڻ- خراب ڪم.

ڪَرتُ: ذ. وَڏي ڪاراٺي (وڏن ڪاٺن کي چيرڻ لاءِ). ڪچو گدرو.

ڪَرت وجهڻ: وڍڻ- ڪاٽڻ. ڌار ڪرڻ.

ڪُرٽڻُ: م. آهستي آهستي ڪاٽڻ. ٿورو ٿورو ڪري ڪاٽڻ. ڪاٽي ختم ڪرڻ.

ڪُرٽلو: ذ. ڪچڙو هڏو جيڪو گوشت سان گڏ رڌجڻ کان پوءِ ڪاٽڻ مهل 'ڪُرٽ ڪُرٽ' ڪري.

ڪَرٽو: ذ. آهستي آهستي ڪاٽڻ جو آواز- چاٻو.

ڪَرٽِي: ث. سخت ڪاوڙ (جنهن ۾ ڏند ڪرٽجن).

ڪَرٽيون ڪاٽڻ: سخت ڪاوڙجڻ. خارون ڪاٽڻ.

ڪِرپا: ث (سن) رحم- ٻاجهه. مهرباني. شفقت.

ڪرپالُ: ص (سن) رحمدل- ديالو.

ڪرپانَ: ث (سن) ننڍي تلوار- وڏو خنجر.

ڪِرچَ: ث. ڏگهي ۽ سڌي تلوار (جنهن جا ٻئي پاسا ڌار وارا هجن).

ڪَرچ ڪَرچ. ڪِرچ ڪِرچ: ث. وات ۾ پٿر يا ڪکري جي ڪرٽجڻ جو آواز.

ڪَرَخت: ص (ف) سخت- ڏاڍو- ڪَهُرو.

ڪَرَختگي: ث. ڪهَراڻ- سختي (آواز جي).

ڪِردارُ: ذ (ف) هلت- چال. طريقو- طرز. عمل. ورتاءُ.

ڪِردگارُ: ص (ف) قدرت جوڙيندڙ. خلقڻهار. خالق. خدا تعاليٰ.

ڪِرڙُ: ذ. هڪ مشهور وڻ ۽ ٻوٽو.

ڪَرڙو: ص. سخت- ڏاڍو. تُند مزاج- ڪهُرو. زبردست- ڌڪاءُ وارو. (ث. ڪَرڙي).

ڪَرڙي نظر: ث. سخت نظرداري- چوڪسي- سنڀالَ.

ڪُرڙو: ذ. دريائي يا سامونڊي مڇيءَ جو هڪ قسم- ڏنيرو.

ڪَرڙ وڏُ: ص. جوانيءَ کان موٽيل- اڌڙوٽ.

ڪَرڙي: ث. ڪاري جو سامونڊي وڻ جنهن مان ڳاڙهو رنگ نڪري.

ڪِرڙي: ث. "ڪِرڙ" جو ننڍو ٻوٽو. سانڍي (ڇچيءَ جهڙي)- ڇچي.

ڪُرڙي: ث. ننڍي مڇيءَ جو هڪ قسم.

ڪِرستانُ: ذ (انگ) عيسائي (خاص ڪري جنهن عيسائي مذهب اختيار ڪيو هجي).

ڪِرسيرو: ذ. ڪِنُ ڪچرو- گندگي.

ڪِرسمس: ذ (انگ) ڪرستانن جو وڏو ڏينهن.

ڪَرسي: ث. لوهه يا ٽِينَ جي چَلَ.

ڪِرسي: ث. ڪرڦتي- ڇيٺو. گند ڪچرو.

ڪُرسي؛ ث (ع) ڪاٺي يا لوهہ وغيرہ جي چئن پاين واري ويهڪ (ويهڻ لاءِ). تخت. اڏاوت جي پيڙهہ جي حد (جيڪا زمين کان مٿيري هجي).

ڪَرِشمو؛ ذ (ف) اک يا ڀرون جو اشارو. ميچ. ناز نخرو. عجيب غريب عمل.

ڪِرشڻُ؛ ذ (سن) 'وشنو' جو اٺون اوتار (جنهن جا اُپديش "ڀڳونت گيتا" جي نالي سان مشهور آهن).

ڪِرفتي؛ ث (ف. ڪرفت) گونهہ. گندگي.

ڪَرَفَر؛ ذ (ع) عزت آبرو. رعب تاب. ٺام ٺوم.

ڪَرڪَ؛ ث. هڏن مان وهي ويندڙ ٿلهي واري.

ڪِرڪَ؛ ث. ڪانهن جي ڪاني مان ٺهيل تير (جنهن ۾ لوهي چوٽي).

ڪِرڪُ؛ ذ. ننڍڙي چڙي جنهن ۾ هڪ يا ٻہ سنهڙيون لوهيون لارون.

ڪُرڪٽ، ڪُرڪٽو؛ ذ. سُڪل ڪاٺين ڏنگهرن جي ڀور.

ڪِرڪِر؛ ث. ڪِلڪِل- گهٻي. ريڙهہ پيڙهہ. کِٽ ٽِٽ.

ڪِرڪِريو؛ ص. گهٻي مچائيندڙ. وري وري چوندڙ يا گهُر ڪندڙ.

ڪُرِ ڪُر؛ ث. ڪنهن شيءِ وٺڻ لاءِ اجائي يا وري گهُرَ. اجائي گهُر- گهٻي. ڪِلڪِل.

ڪَرڪِناتَ؛ ذ. ڪارو ڪڪڙ جنهن جون هڏيون بہ ڪاريون ٿين.

ڪَرڪَڻُ؛ م. ڪڪڙ جو آنا لاهڻ کان اڳ "ڪَر ڪَر" جو آواز ڪرڻ.

ڪُرڪَڻُ؛ م. توري ملڻ تي رِنگ ڪرڻ. گهٻي ڪرڻ. ڪنهن ڪم تي مرضي نہ هجڻ جي باوجود ڪرڻ ۽ ناراضگي جو اظهار ڪرڻ.

ڪَرڪو؛ ذ. ڪُڪڙن جي "ڪر ڪر". ڪونجن جي ٻولڻ جو آواز.

ڪُرڪو؛ ذ. رنجهہ ڪنجهہ. گهٻي. ناراضگي.

ڪِرڪيٽَ؛ ث (انگ) بيٽ بال راند.

ڪَرگس؛ ث (ف) ڳجهہ (پکي).

ڪَرگِلُ؛ ذ. انبوهَ- ميڙ. هُل- گوڙ.

ڪَرلاهُو؛ ص. خبر ولندڙ. سارسنڀال لهندڙ. پرگهور ڪندڙ.

ڪُرلائڻُ؛ م. تتوارڻ. ٻوليون ڪرڻ (پکي). آلاپڻ.

ڪَرَمُ؛ ذ (سن) ڪم- فعل. ڌرمي رسم. قسمت- نصيب- ڀاڳ.

ڪَرم جو ڪاڍو؛ ذ. قسمت جي چِڪَ. تقدير جو لاڙو.

ڪرم هيڻو؛ ص. نڀاڳو- بدقسمت. نامراد.

ڪَرمچاري؛ ص. مجلس ۾ خدمتگار. ڪم ڪار جو ذميدار نوڪر. ڪارڪن.

ڪَرَمُ؛ ذ (ع) فياضي- سخاوت. مهرباني- عنايت. احسان.

ڪَرم فرما؛ ص. مهرباني ڪندڙ. عنايت ڪندڙ.

ڪِرَم؛ ذ (ف) ڪينئون. سُرندڙ جيت.

ڪِرم خورده؛ ص. جيتن جو ڪاڏل.

ڪِرمچي؛ ث (قرمزي) قرمزي رنگ (گلابي رنگ).

ڪُرمش؛ ث (ف. ڪورنش) بادشاهي سلام (جيڪو جهڪي ڪبو آهي).

ڪَرمَنڊلُ؛ ذ. ساڌو فقيرن جو ڪشتي نما ٿانءُ.

ڪِرَو؛ ث. ڪِرٽو. زريءَ جي پاٽڪ.

ڪُرنڊُ؛ ذ. ريتي ۽ لاک مان ٺاهيل هڪ قسم جو پٿر جنهن تي اوزار تکا ڪجن. لاک ۽ ريتي مان ٺهيل سِراڻ.

ڪَرنڊي؛ ث. تيل يا گيهہ ڀري ڪڍڻ لاءِ ڏوئي جهڙو ماڻ- ٽِپري.

ڪُرنڊي؛ ث. مڇُو- موڙهل (وار).

ڪَرَنگُ: ذ. هڪ قسم جو هرڻ يا روجهہ.

ڪِرنگهہُ: ذ. هڪ قسم جو گاهہ ۽ ٻجُ (جيڪو ڍَٽ طور ڪم اچي).

ڪَرنگهَڙُ: ذ. ڪرنگهو. پُٺيءَ جو هڏو.

ڪَرنگهو: ذ. پٺيءَ جو هڏو يا ڪنڊو. پٺيءَ جي ڪنڊي وارو هڏو.

ڪَرَنلُ: ذ (انگ) فوج جو هڪ آفيسر.

ڪَرَڻُ: م. سرانجام ڏيڻ. عمل ۾ آڻڻ. ٺاهڻ- بڻائڻ.

ڪري ڏسڻ: آزمائڻ- تجربو ڪرڻ.

ڪري ڏيکارڻ: ڪو ڪم پولائي ڪرڻ. مڪمل ڪرڻ. ڪامياب ٿيڻ. وعدو پورو ڪرڻ.

ڪِرَڻُ: م. ڊهڻ. لهڻ (اگهہ). گهٽجڻ. ذليل ٿيڻ. ڌڪ کائڻ. ضايع ٿيڻ. بستري داخل ٿيڻ.

ڪِري پوڻ: ڊهي پوڻ. تباهہ ٿيڻ. برباد ٿيڻ. ڌڪ کائڻ. بستري داخل ٿيڻ.

ڪُرَڻُ: م. پوسرڻ- پچڻ (ڦٽ، زخم).

ڪِرڻو: ذ (سن. ڪِرَڻ) سج جو ترورو. روشني جو جُزو.

ڪَرڻي: ث. ڪم- عمل. قسمت- ڀاڳ.

ڪَرو: ذ. ٺِڪرَ جو ڪُونرو- ڪُوزو.

ڪُرو: ص. ننڍين ڪنن وارو. بنان ڪَنن جي. ڪَن وڍيل (چوپايو).

ڪِروڌُ: ذ. ڏمر- غصو- ڪاوڙ. ڪينو- ڪِلڪِل. روڄ راڙو.

ڪِروڌي: ص. ضدي- تِيسر.

ڪِروڙُ: ذ. سَوَ لکَ.

ڪروڙ پَتي: ص. نهايت دولتمند. وڏو شاهوڪار.

ڪَروڪَر: ظ. هڪ ٻئي سان لڳيتو. برابر (وهڪرو).

ڪُرومُرو: ص. وٽيل سٽيل. ويڙهجي خراب ٿيل.

ڪُرو مُرو ڪرڻ: ڪاٽي ڪپاٽي ڇڏڻ. ڇَٽ ڪرڻ.

ويڙهي حال ڪان وڃائڻ (ڪاٻہ شيءِ).

ڪَرُونڊڙو: ص. ڪُبڙو- گُڏڪو ٿيل (جسم). ويڙهجي سيڙهجي گڏ ڪيل (ٻار يا وڏو ماڻهو). (ث. ڪَرُونڊڙي).

ڪَرَاهَتَ: ث (ع) نفرت- ٻُڇان. وِيڙهہ- لڙائي.

ڪِرَهتَ: ث. ڪرهت- ٻڇان- سُوگَ.

ڪِرَهہ ڪَڪِري: ث. هيرڻ يا هيرڻ جهڙي وڻ جو ٻج (چون ٿا تہ اهو ٻج سون طور جنهن گهر ۾ اُڇلبو آتي سدائين جهيڙو هوندو).

ڪُرَّہ: ذ (ع) گولو.

ڪُره ارض: ذ. زمين- ڌرتي. ڌرتيءَ جو گولو.

ڪَرهَلُ: ذ. اُٺ- ڪَرهو.

ڪَرهَڻُ: م. جهيڙو ڪرڻ. معاملو مچائڻ. نفاق وجهڻ.

ڪَرَهو: ذ. اُٺ- ڏاگهو.

ڪَري: حرف جر. لاءِ- واسطي- ڪان.

ڪَرِي: ث. پاڻي وغيره پيئڻ لاءِ ٽين مان ٺهيل ڪَرِسي.

ڪِرِي: ث. پرهيز- رک- سنڀال (ڪاڌي جي).

ڪِرياتو: ص. ڪِريءَ وارو. بيماريءَ ۾ پرهيزي کاڌو کائيندڙ. (ث. ڪِرياتِي).

ڪِريا ڪَرمِ: ذ (سن) هندن ۾ مرڻ جون ڌرمي رسمون.

ڪُرِيتَ: ث. خراب روش. خراب رسم. اڻ رهائيندڙ عمل.

ڪُرِيزَ: ث (ف) پکين جو پراڻا کنڀ ڇاڻي نوان ڪڍيل کنڀ.

ڪُرِيزون ڪاڍڻ: وڏو ٿيڻ. هوشيار ٿيڻ. آزمودگار ٿيڻ.

ڪَرِيلو: ذ. هڪ قسم جي ٻوٽي جو ڦرُ (جيڪو ڪَڙو ٿئي ۽ ڀاڄيءَ طور ڪم اچي).

ڪَرِيمُ: ص (ع) گناهہ بخشيندڙ يا معاف ڪندڙ.

شريف. اعليٰ. سخي. ٻاجهارو. رحمدل. خداتعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو ۽ پڻ نبي سڳوري جي هڪ وصف.

ڪِريمَ؛ ث (انگ) کير مان مشين ذريعي نڪتل سٿڀ.

ڪِرينَ؛ ث (انگ) ڳري وزن کڻڻ واري هڪ مشين.

ڪِريَلُ؛ ص. ڏٻل. محتاج. غريب. ذليل.

ڪَرِيهُه؛ ص (ع) خراب. بڇڙو- بدصورت. مڪروه. گدلو- غليظ.

ڪَڙَ؛ ث. وهڪري جو ڪَپَ- ڪنارو- ڪَنڌِي.

ڪِڙَ؛ ث. ڇَنو- ڇپر- لانڍِي.

ڪڙاڪو؛ ذ. ڪڙڪي وارو آواز. ڪڙڪو.

ڪَڙالِ؛ ث. "ڪُوڙي" جو هڪ قسم (جيڪا تلخ ٿئي).

ڪَڙاڻِ؛ ث. ڪاراڻ- تلخي.

ڪَڙا ويڙهه؛ ث. اها پناهه گاهه جنهن ۾ ڪو اندر داخل نه ٿي سگهي (لوڙهو، ڪوٽُ وغيره).

ڪَڙاهُه؛ ذ. وڏي تَئِي- ڪَڙاهُه.

ڪَڙاهِي؛ ث. تَئِي- ڪڙاهِي.

ڪَڙائِڻُ؛ م. ورچائڻ- بيزار ڪرڻ- هلاڪ ڪرڻ. ڪهڪائڻ. سواد ۾ ڪوڙو لڳڻ. قابو ڪرائڻ- ٻڌائڻ (زنجيرن ۾).

ڪَڙائِي؛ ث. ڪڙاڻِ- ڪاراڻِ. تلخي.

ڪَڙِبَ؛ ث. جوئر يا ٻاجهر جا ڪانا.

ڪَڙِياٽَ؛ ذ. گهوڙي جي هلڻ ۽ وقت سُنبن جو آواز.

ڪُڙِتو؛ ذ (ف) پهراڻ.

ڪَڙِجَڻُ؛ م. ٻڌجڻ- سوگهو ٿيڻ. زنجير يا رسي سان قابو ٿيڻ.

ڪُڙِجَڻِ؛ م. ٿڪ سبب بدن ٻندجي پوڻ. ٿڪجڻ.

ڪَڙِچَ؛ ذ. سُڪل ڪک ڪانا- ڪَهِر. ٻاڻ جو ڇُورو.

ڪُڙِڇَ؛ ث. ڪُڇَ- ڪُنڍَ.

ڪَڙِڇي؛ ث. ڪڇي- ترڻي.

ڪَڙِڪ؛ ص. سوڪُ- ٽاندڻ تي سوڪَ پڪل- تند مزاج- ڪِهرو.

ڪَڙڪاٽُ؛ ذ. ڪڙڪي وارو. آواز- ڪڙڪو. زوردار آواز.

ڪَڙڪَڙِ؛ ث. سخت آواز- وڏو آواز. ڏاڍي ڳالهائڻ.

ڪُڙِ ڪُڙِ؛ ث. ڪُڪڙن جو آواز.

ڪَڙڪائِڻُ؛ م. زور سان ٿهڪائڻ. نازل ڪرڻ.

ڪَڙڪَڻُ؛ م. مٿان اچي ڪرڻ- نازل ٿيڻ. اوچتو مٿان پوڻ. زور سان ڳالهائڻ. ڪڙڪو ڪرڻ.

ڪَڙڪو؛ ذ. زوردار آواز. وڏو آواز. زور سان ڳالهائڻ.

ڪَڙلاءُ؛ ذ. ڀڙلاءُ. ڪڙڪو. گونج.

ڪُڙمُ؛ ذ. ڪٽنب- خاندان. ويجها عزيز. قبيلو.

ڪُڙمُ قَبيلو؛ ذ. گهر ۽ راڄ. مٽ مائٽ.

ڪُڙمِي؛ ص. هارِي. ڪاشتڪار.

ڪَڙَڻُ؛ م. زنجير سان ٻڌڻ. سوگهو ڪرڻ- قابو ڪرڻ.

ڪَڙو؛ ذ. ڪُنڍو (لوهي). لوهي ڇَلو. دائرو- حلقو. ٻانهن ۾ پائڻ جو هڪ زيور- ڪنگڻ. (ص) سخت- پڪو. ڏکيو.

ڪَڙو چاڙهڻ؛ جادو منتر وغيره پڙهي دائري ۾ بند ڪرڻ.

ڪَڙو، ڪَوڙو؛ ص. ڪارو- تلخ (ذائقو). (ث. ڪَڙِي، ڪوڙي).

ڪڙو ٿيڻ؛ ڪارو ٿيڻ. تلخ ٿيڻ. سخت مزاج ٿيڻ.

ڪڙو تيلُ؛ ذ. ڄانبي جو تيل.

ڪڙو ڪرڻ؛ ترڪ ڪرڻ. دستبردار ٿيڻ.

ڪڙي ٿوڪَ؛ ث. چلم حُقي وغيره جي ٿوڪَ.

ڪَڙولو؛ ذ. ٻانهن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه- ڪنگڻ.

ڪُڙِهه؛ ث. گهوڙن جو ٿانُ. ٻچي داني- ڪک. هنيون- دل.

ڪَرَهَڻُ م. اوٻارجڻ- ٿهڪڻ. رڌجڻ. سڙڻ- پچڻ. رنجيده ٿيڻ. اندر ۾ (جلڻ).
ڪُرَهَڻُ م. جلڻ- پچڻ. بيقرار ٿيڻ. تڙپڻ- ڦٿڪڻ.
ڪُرهو ص. بهادر- سورهيه.
ڪَرِهي ث. بصر پٽاٽن يا بيسڻ وغيره جو ٻوڙُ.
ڪُرِهي ث. مڇي ڦاسائڻ لاءِ ڪانين ۽ ڄاريءَ مان ٺهيل هڪ اڌاوت.
ڪَڙِي ث. پير ۾ پائڻ جو ڳهه. لوهي تار مان ٺهيل ڪَڙِي جيڪا سَوَڻ طور پير ۾ پائين.
ڪَڙِي ڪُنِي ث. نوتيءَ جي گهر وارن لاءِ ڪيل مانيءَ جو ويلو.
ڪَڙِيو ذ. ننڍو واهڙ. ننڍو واهه. وڏي آڏ.
ڪُڙِيو ذ. پير جو ڪُڙيءَ وارو حصو- ڪُڙيو.
ڪُڙيا ڪڍڻ پِين تي ويهڻ.
ڪَڙ ص (ف) ڏنگو- ڦڏو- وريل.
ڪَڙ دُم ذ. وڇون (جنهن جو پُڇ وريل ٿئي).
ڪُڙو ص. ڪنجوس. مُنڪر.
ڪَس ذ (ف) ماڻهو- آدمي- مرد- ڄڻو.
ڪَس و ناڪس ذ. هرڪو ماڻهو- عام خاص.
ڪَسُ ث. ڪَمِ- ڪوٽ. نقصان- ٽوٽ.
ڪَسَ ڪَسَر ث. ڪمي بيشي- ٿوري گهڻي. نفعو نقصان.
ڪَسُ ذ. زنگ- ڪَٽُ. سنڌ ۽ ٿر جي دنگ واري ڪنارَ. واپار ۾ گهاٽو.
ڪَسُ کائڻ نقصان سهڻ. مناسب اگهه کان وڌيڪ ڏيڻ.
ڪُسُ ذ (ف) شرمگاه (عورت جو).
ڪَسابو ذ (ع. قصابہ) اهو ٽڪندو رومال جيڪو عورتون مٿي کي ٻڌن.
ڪَسادَ ث (ع) بازار ۾ ڪنهن چيز جي موڙي. اگهه ۾ لاٿ.
ڪَساد بازاري ث. بازار جي موڙي- شين جي اگهه ۾ ٽڏائي.
ڪَسارو ص. "ڪَسُ" جي ذائقي وارو. تلخ. ڪارو. ٻاڙو.
ڪَسَبُ ذ (ع) اُپت. هنر- ڌنڌو. بدپيشو.
ڪَسبِڻ. ڪَسِيائِي ث. بدپيشو ڪرائيندڙ (عورت).
ڪَسِبي ص. ڪسب ڪرائيندڙ. بدپيشي. دلال- ڀڙوو.
ڪِسَبت ث. حجامن جي اوزارن رکڻ لاءِ چمڙي جو ٿيلهو- ٻاني.
ڪَستُ ذ. جوش- ڪاوڙ. قصد- ارادو.
ڪِستو ذ. پِنڻ جو ڪاسو (درياڻي ناريل جو اڌ جيڪو فقير گدائي لاءِ کڻن).
ڪِستو کڻڻ پِنڻ- گدائي ڪرڻ.
ڪَسِجڻُ م. ڪَٽجڻ- زنگ لڳڻ.
ڪَسَرَ ث. فائدو- واڌي. (ص) برتر- وڌيڪ.
ڪَسَرَ. ڪَسَرِ ث (ع) ياءَ. زير جي نشاني. ڪمي- گهٽتائي. گهاٽو- نقصان.
ڪَسرِ شانِ ث. عزت جي گهٽتائي. عزت جي خلاف.
ڪَسرِ نَفسِي ث. پاڻ کي گهٽ ظاهر ڪرڻ.
ڪَسر رهجي وڃڻ ڪا ڪمي رهڻ- ڪوتاهي ٿيڻ. نقص رهجي وڃڻ.
ڪَسَر ڪڍڻ ڪمي پوري ڪرڻ- ٻئي مان نقصان جو پورائو ڪرڻ. خار پلڻ. وير وٺڻ.
ڪِسرِيٰ ذ (ع) "خسرو" جو معرب. ايران جي قديم بادشاهن جو لقب.
ڪَسرِت ث (ع) ورزش. مشق.
ڪَسرَتي ص. ورزش ڪندڙ. سگهارو.
ڪُسڪَڻُ م. ڪُنڪڻ- ڪُرڪڻ. ڪنجهڻ.
ڪَسَل ث (ع) سُستي- آرس.
ڪَسَلمَندِي ث. آرس- سُستي

ڪسمپرسي، ث (ف) ندلڪائي.
ڪسمرو، ذ. ڪِن ڪچرو- گندگي- غلاظت.
ڪسنگ، ذ (سن) خراب صحبت. ڪِني دوستي.
ڪَسَڻُ، م. ڪَشڻ. چڪي پڻ.
ڪُسَڻُ، م. ذبح ٿيڻ. قتل ٿيڻ. خون ٿيڻ.
ڪَسو، ص. گهٽ- اُوڻو. اڻ پورو- ٿورو گهٽ (تور، وزن يا ماهيت ۾) (ث. ڪَسي).
ڪسو پڪو، ڪسو ڪاٺيو، ص. گهٽ وڌ- ڪم و بيش. جهڙو تهڙو- ايرو سيرو.
ڪَسوٽي، ث. سون چاندي پرکڻ جو پٿر. پرک- آزمائش.
ڪُسوف، ذ (ع) سج گرهڻ.
ڪَسُونبو، ذ. هڪ قسم جو گل (جنهن مان گلابي رنگ ٿئي). هڪ قسم جو پسارڪو وکر. آفيم (جنهن جو نشو ڪجي).
ڪَسُونبا پيئارڻ، نشا ڪرڻ.
ڪَسي، ث. پاڻيءَ جي اڏ- نالي (پاڻيءَ جي).
ڪَسيرو، ذ. پتل يا ٽامي جا ٽانوَ ناهيندڙ يا وڪڻندڙ. آڳاٽي وقت جو ٽامي جو هڪ سڪو (پئسي جو چوٿون حصو).
ڪَسيرَڪُ، ص. ڪسيري جي مُلهه جو. بيعزت. رذيل- ڪميڻو.
ڪَش، ث (ف) پيچي (جانورن جي). رَسُ. رَبَ (جوَن وغيره جي).
ڪَش، ص (ف) ڇڪيندڙ. مرڪب لفظن جي آخر ۾ ڪم ايندڙ (جئن جفاڪش، بادڪش وغيره).
ڪَشُ، ذ (ف) حقي يا بيڙيءَ جي ڦوڪَ- سُوٽو- دَمُ.
ڪُش، ص (ف) ماريندڙ. مرڪب لفظن ۾ ڪم ايندڙ (جئن جرائيم ڪُش، محسن ڪُش وغيره).
ڪُشا، ص (ف) کوليندڙ. مرڪب لفظن ۾ صفاتي پڄاڙي طور ڪم ايندڙ (دلڪشا، قبض ڪشا وغيره).
ڪُشادگي، ث (ف) ويڪر- فراخي. وسعت. ڦهلاءُ. پکيڙ.
ڪُشادو، ص (ف) پکڙيل- کُليل. ويڪرو. وسيع. موڪرو- خلاصو. ڪشاده.
ڪُشاده دِل، ص. وڏيءَ دل وارو. سخي- فياض.
ڪَشاڪَش، ڪشاڪشي، ث (ف) ڇڪ تاڻ. ڏڪ ڏڪان. وٺ پڪڙ.
ڪشالو، ذ. سخت محنت- وڏي جاکوڙ. ڪوشش. تڪليف- هلاڪي.
ڪشالو ڪڍڻ، وڏي جاکوڙ ڪرڻ. وڏي مصيبت مان پار پوڻ.
ڪشت، ث (ف) پوک- کيتي- ٻني.
ڪُشت، ذ (ف) قتل- خونريزي.
ڪُشت و خون، ذ. خونريزي- قتل عام.
ڪُشتو، ذ (ف) ماريل. دوا طور پيتل (ٽاٽو يا وکر).
ڪِشتي، ث (ف. ڪَشتي) ٻيڙي- ناؤ.
ڪِشتيبان، ص. ٻيڙي هلائيندڙ- ناکٽو- ٻيڙياٽو.
ڪُشتي، ث (ف) هڪ قسم جي پهلواني واري راند (جنهن ۾ هڪڙو پهلوان ٻئي کي دسي سرسي ڪري). روز آزمائي واري راند.
ڪشٽ، ذ (سن) خرابي- بَدي- بيچڙائي. مصيبت- تڪليف. جاکوڙ- پيڙا- آزار. پورهيو.
ڪشٽ ڪڍڻ، محنت ڪرڻ. جاکوڙ ڪرڻ. بکون ڪاٽڻ. تڪليفون پوڳڻ.
ڪشش، ث (ف) ڇڪَ- تانگهه. اُڪير. رغبت- جاذبيت.
ڪشش ثقل، ث. ٻن شين جي پاڻ ڇڪيندڙ قوت.
ڪَشفُ، ذ (ع) کولڻ- ظاهر ڪرڻ. ظهور. انڪشاف.

تصوف ۾ غيب جي اسرارن ظاهر ٿيڻ واري منزل.

ڪشف و ڪرامات: ث. ڪرامتن جو ظهور. اسرارن جو ظهور. غيب مان ظاهر ٿيندڙ ڳالهيون.

ڪشڪولُ: ذ (ف) ڪچڪول- ڪستو.

ڪِشمِش: ث (ف) انگورن جو هڪ قسم- ننڍا انگور.

ڪشمڪش: ث (ف) ڇڪ ڇڪان- ڇڪ تاڻ. پيچ ٻوڙ. ريڙهه پيڙهه. گهل گينداڙ.

ڪشميرُ: ذ. پاڪستان جي اُترئين علائقي واري هڪ رياست (جنهن جو اڌ ڀارت جي قبضي ۾ آهي). (ص) سرسبز. آباد ۽ سائو.

ڪشميرو: ذ. هڪ قسم جو اوني ڪپڙو (جيڪو ڪشمير ۾ ٺهندو هو).

ڪشَڻُ: مر. ڇڪي ٻڌڻ. ڇڪ ڏيڻ. سوگهو ٻڌڻ.

ڪشي ٻڌڻ: مضبوطيءَ سان ٻڌڻ. ٻڌي سُک ڪرڻ.

ڪشو: ذ. سُٽ يا چمڙ جي ڏوري. ٻُوٽ جو تاڳو. ڏوري.

ڪشوَر: ذ (ف) مُلڪ. ولايت.

ڪَشي: ث (ف) ڇڪڻ- ڪڍڻ. مرڪب لفظن جي پڇاڙي ۾ ڪم ايندڙ (جيئن تصوير ڪَشي. دم ڪشي وغيره).

ڪُشي: ث (ف) مارڻ. مرڪب لفظن ۾ ڪم ايندڙ پڇاڙي (جيئن خودڪُشي وغيره).

ڪشيدگي: ث (ف) ڇڪ- تاڻ. ڇڪتاڻ. جهيڙو. اختلاف. ناراضگي.

ڪَعبُ: ذ (ع) مُريو. مُريي جو هڏو. ڇڪو- ٻارو. ڇهن پاسن واري شيءِ.

ڪعبو: ذ (ع. ڪعبه) ڪعبة الله (مڪي شريف واري اُها متبرڪ جاءِ جنهن جو بنياد حضرت ابراهيم عليه السلام رکيو هو ۽ جنهن ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهن).

ڪَف: ث (ف) جهاڳ- ڦيڻ. ڦِڦَ. ڦُڪَ.

ڪَف: ث (ع) ترِي (هَٿ جي).

ڪَفُ: ذ (انگ) قميص جي ٻانهن واري پٽي (جنهن ۾ بٽڻ هڻجي).

ڪُفار: ذ (ع) "ڪافر" جو جمع.

ڪَفارَت، ڪَفارَه: ذ (ع) گناهه جو عيوض (جيڪو روزو رکي يا خيرات ڪري ادا ڪجي).

ڪَفالَت: ث (ع) ذميداري.

ڪِفايَت: ث (ع) پورت. قناعت. بچت. صرفو.

ڪِفايت شعاري: ث. بچت. گهٽ خرچ- صرفو.

ڪِفايَتي: ص. بچت وارو. سستو- سهانگو.

ڪُفرُ: ذ (ع) انڪار. خدا کي نه مڃڻ. سچي دين کان انڪار. بي ديني. ناشڪري.

ڪُفرانِ نعمت: ث. ناشڪري. احسان فراموشي.

ڪُفرُ بَڪڻُ: بي ديني جون ڳالهيون ڪرڻ. ڳارگند ڪرڻ. بيهودو ڳالهائڻ.

ڪُفرستانُ: ذ (ف) ڪافرن جو ملڪ. بي دينيءَ وارو ملڪ.

ڪَفش: ث (ف) جُتي- پيزار- پاپوش.

ڪفگيرُ: ذ (ف) ڏاتوءَ مان ٺهيل ڏوئي. وڏي ڦر سان ڏوئي جنهن سان ديگ رڌجي- ڪَپڪير.

ڪَفَنُ: ذ (ع) لاش کي اوڍائڻ جو سفيد ڪپڙو- جوڙي پوتي.

ڪفن ٻڌڻ: سر ڏيڻ جو ارادو ڪرڻ.

ڪفن دفن: ذ. لاش کي جوڙي پوتي ڏيئي پورڻ.

ڪفن نصيب نه ٿيڻ: لاش رلڻ. دربدر ٿي مرڻ. بي ڪفنو ٿي مرڻ.

ڪَفنائڻُ: مر. ڪفن ڍڪائڻ.

ڪَفني: ث (ف) فقيرن جو ڍگهو چولو (بنا ٻانهن). جامو.

ڪَفِيلُ: ص (ع) ضامن. ذميدار.
ڪَڪُ. ڪَڪِ: ص. بيزار- عاجز- وِرتل- ڪُهيل.
ڪَڪ ڪرڻ: بيزار ڪرڻ- ورچائڻ.
ڪَڪَرُ: ذ. آبر- بادل- ميگهہ. اجرڪ جو چِٽُ (ڪڪر جهڙو). چوپائي کي سجائپ لاءِ ڪَنَ ۾ ڏنل وَڍُ. جانورو- پاچو. رحمت يا ٻاجهہ وارو هَٿُ.
ڪَڪرالو: ذ. پهڻين پٿرين واري جابلو ايراضي.
ڪَڪِرو. ڪُڪِرو: ذ. پٿر جو ذرو- راٺو. پير جي ڳاٺ وارو سخت چمڙي وارو حصو. اک ۾ پيل مٽيءَ جو ذرو.
ڪَڪِري: ث. پٿرن جي سنهي پور- راٺو. ريتي.
ڪَڪَڙُ: ذ. مشهور گهرو پکي. (ث. ڪُڪڙِ، ڪُڪڙِي).
ڪُڪڙوڪُو: ث. سَج- پيڪ.
ڪَڪڙا: ذ. ڪپهہ جي ٻوٽي جا ٻج.
ڪَڪِڙو: ذ. ڪپهہ جي ٻُوٽي جو ٻج. (ص) ڳاڙهسري رنگ جو (وهٽ).
ڪَڪو: ص. هلڪو ڀُورو (رنگ). ڳاڙهسِرو. ڪَڪن وارن وارو (وهِٽ). (ث. ڪَڪِي).
ڪِڪو: ننڍڙو ڇوڪرو- ٻارڙو. (ث. ڪِڪي).
ڪَڪورَ: ث. ميوي پچڻ جي شروعات وري پيلاڻ.
ڪَڪورجَڻ: م. اڌڪچو پکو ٿيڻ (ميوو). ميوي پچڻ جي شروعات ٿيڻ.
ڪَڪوهُ: ذ. ڳاڙهو شراب.
ڪَڪَهُ: ذ. ڪمند جي پڪل ۽ ڳهاٽي چاش. ڳُڙ.
ڪَکُ: ذ. سُڪل گاهہ جو ذرو. گاهہ جو ذرو. ذرو. ٿورو ذرو. ماريل وکر جو ڪُشتو (جيڪو ڪک جي ذري جيترو ڪاڻجي). نانگ ٻلا جو ڏنگ.
ڪَکُ بہ نہ رهڻ: ڪجهہ بہ نہ رهڻ. مفلس ٿيڻ. ڪنگال ٿيڻ. سُڃو ٿيڻ. ويران ٿيڻ.
ڪَکَ رکڻ: چشم پوشي ڪرڻ. احسان ڪرڻ.
ڪک پن ٿيڻ: ڇڙوڇڙ ٿيڻ. ٽڙي پکڙي وڃڻ. غائب ٿيڻ.
ڪک سِنگهَڻُ: نانگ ٻلا جو ڏنگ هڻڻ.
ڪَکَ: ث. پيٽ جي پاسي وارو حصو- پهلو.
ڪکون ڦاٽڻ: گهڻي کائڻ ڪري پيٽ ڦُوڪجڻ. اُڦرجڻ. ڍؤ تي کائڻ.
ڪَکِ جو ڪاهُ: ذ. دشمن. جيڪو ظاهر ۾ سڄڻ پر هجي ويري.
ڪَکِجَڻُ: م. نانگ ٻلا کان ڏنگجڻ.
ڪَکَڻُ: م. دل ۾ هُرڻ- دل سان لڳڻ- ياد اچڻ. محسوس ٿيڻ.
ڪَگڻُ: ذ. ڪنگڻ- ٻانهن ۾ پائڻ جو هڪ قسم جو ڳهہ- وڏو چُوڙو.
ڪَگڻِي: ث. ڪنگڻي- چُوڙي.
ڪَلَ: ث. مَشين. اوزار.
ڪَلَ ٽِڙڻ: مشين جو پرزو خراب ٿيڻ. حواس خطا ٿيڻ. اڌ چريو ٿيڻ.
ڪَل ڦِرڻ: حواس خطا ٿيڻ. ارادو بدلجڻ. عقل وڃڻ.
ڪَلَ: ث. آرام- سک. خبر. سمجهہ. سُڌ- سَمَڪ. پروڙ- ڄاڻ.
ڪَلُ: ذ. گاهہ جو هڪ قسم.
ڪِلُ: ذ. لوهہ يا ڪاٺ جي وڏي ڪِلي- ميخ.
ڪُل: ص (ع) سڀ- پُورو- جملي. صوفين جي اصطلاح موجب واحد مطلق. سڄي ڪائنات.
ڪُلُ: ذ (سن) گروهہ- ٽولو- جٿو. گهرائو- خاندن. نسل- ذات. قوم. چُلهہ- آتشدان.
ڪَلا: ث (سن) ڀاڱو- حصو (سورهون). چنڊ جي

روشن پاسي وارو سورهون حصو. هنرمندي. فن- گُڻ. طاقت- بل.

ڪلا ڏيکارڻ: فن ڏيکارڻ. ڪرامت ڏيکارڻ.

ڪلابات: ث (ف) سون يا چانديءَ جي تند جيڪا ڪپڙي وغيره تي پرت ۾ ڪم اچي. زريءَ جو ڪم.

ڪلابازي: ث. بازولي. پلٽي بازي.

ڪلاٿ: ذ (انگ) ڪپڙو.

ڪلاداري: ص (سن. ڪلاڌاري) هنرمند. تمام وڏو ماهر.

ڪلارڪُ: ذ (انگ) منشي. آفيس ۾ لکپڙهه ڪندڙ- مُحرر.

ڪلاڙُ: ذ. هندن جي هڪ قسوم- ڪلال. شراب وڪڻندڙ. شراب چڪائيندڙ.

ڪلاسُ: ذ (انگ) شاگردن جو درجو. اسڪول جو هڪ ڪمرو. طبقو.

ڪلاسي: ص. ساڳئي درجي وارو- جماعتي.

ڪلاسيڪل: ص (انگ) اعليٰ درجي جو- مستند.

ڪلاڪُ: ذ (انگ) سٺ منٽن جو عرصو. ڏينهن رات جو چوويهون حصو.

ڪلاڪارُ: ص (سن) هنرمند- ڪاريگر. فنڪار.

ڪلالُ: ذ. هندن جي هڪ قوم. شراب وڪڻندڙ- مَي فروش. شراب ٺاهيندڙ ۽ وڪڻندڙ.

ڪلالُ: ص. بي حيا- بي مروت. احسان فراموش. بي محابو.

ڪلامُ: ذ (ع) ٻن جملن جي عبارت. شعر- نظم. قول. گفتگو- ڳالهه ٻولهه.

ڪلامُ اللهُ: ذ. الله جو ڪلام. قرآن شريف.

ڪلام چوڻ: قافي چوڻ- قافيون ڳائڻ.

ڪلان: ص (ف) وڏو. بلند. وسيع.

ڪلان ڪوٽُ: ذ. سمن جي دور جو ٺٽي شهر لڳ هڪ قلعو جيڪو ڪنهن وقت گاديءَ جو شهر هو.

ڪلاونتُ: ذ (سن) قابل ڳائڻو- گويو.

ڪلاهُ: ذ (ف) هڪ قسم جي مخروطي ٽوپي (جيڪي درويش پائيندا هئا). ڪُلو (جنهن جي مٿان لونگي ٻڌجي). تاج.

ڪَلبُ: ذ (ع) ڪتو- سگ.

ڪِلبَ: ث (انگ) انجمن- جماعت.

ڪلتارُ: ذ. خالق- اُپائڻهار.

ڪلجگُ: ذ (سن) هندن جي خيال موجب هلندڙ ڪوڙ ڪپٽ وارو زمانو.

ڪلدارُ: ذ. مشين جو ٺهيل رپيو- چاندي جو انگريزي دور وارو رپيو. رپيو.

ڪلرُ: ذ. لوڻ واري زمين. شوريل زمين- ڪلراٺي زمين. ولاٺي پاڻ. سيج- بيابان.

ڪلر لڳڻ: زمين پٽ وغيره ۾ لوڻ پيدا ٿيڻ. تباهه ٿيڻ.

ڪلراٺو: ذ. ڪلر واري زمين. ڪلر وارو پوٺو. (ث. ڪلراٺي).

ڪلسُ: ذ. گنبذ جو مٿيون چُهنبيارو حصو. جهنڊي جي ڪانيءَ ۾ لڳل ڌاتوءَ جو چهنبيارو حصو. آنگاس جي مٿين حصي ۾ لوهه، ٽامي يا پتل جي ڪلنگي.

ڪلغي: ث (ف) تاج جو چهنبيارو حصو- ڪلنگي.

ڪلفُ: ذ (ف) ڪپڙي کي سخت ڪرڻ جي پيچي- پيڻ.

ڪُلفُ: ذ (ع. قُفل) تالو- ڪُرف.

ڪُلفتَ: ث (ع) تڪليف. مصيبت. رنجيدگي- ڪدورت. وير- عداوت. ٻيائي. اڻبڻت- نفاق.

ڪُلفي: ث (ع. قُفلي) برف سان کير جمائڻ وارو سانچو. برف ۾ جمايل کير.

ڪلڪَ: ث (ف) قلم. ڪاني جو قلم.

ڪِلڪائڻُ: م. ڏند ڪرٽڻ. روهي يا سراڻ تي تکو ڪرڻ (ڪپ ڪاتي وغيره). سراڻ تي چاڙهڻ. ڏند ڪرڪائڻ.

ڪِلڪل: ث. جهيڙو- تڪرار- ڳهپي. ڪِٽ ڦٽ. ريڙهه پيڙهه.

ڪَلمات: ذ (ع) "ڪلمي" جو جمع. گفتا- جملا.

ڪَلمتي: ذ. مڪران مان آيل بلوچن جو هڪ تبيلو- ڪَرمتي.

ڪَلمو: ذ (ع) بامعنيٰ الفاظ. جملو. ڳالهه. سخن. قول. اسلام جو پهريون رُڪن.

ڪَلمہ استغفار: ذ. توبهه ڪرڻ جو ڪلمو.

ڪَلمہ توحيد: ذ. الله جي وحدانيت جو اقرار.

ڪَلمہ شهادت: ذ. الله جي هيڪڙائي ۽ رسول صلعم جو اقرار.

ڪَلمہ طيّبُ: ذ. الله ۽ الله جي رسول جو اقرار.

ڪَلمو پڙهڻ: ايمان جو اقرار ڪرڻ. سچ ڳالهائڻ جو اقرار ڪرڻ.

ڪَلمي گو: ص. ڪلمو پڙهندڙ- مسلمان.

ڪَلمي: ث. بيڙين جو ننڍو سڙهه. بيرق.

ڪَلنڪُ: ذ (سن) داغ- ٽڪو. ڪارنهن. بدنامي. خواريءَ جو الزام.

ڪَلنگُ: ذ (ف) هڪ قسم جو آبي پکي- ڪاز.

ڪَلنگڙو: ذ. هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

ڪَلنگي: ث (ف. ڪلغي) بادشاهي چَٽُ- تاج. چوٽيءَ جو موڙ. سرداريءَ جو نشان.

ڪَلو: ذ. ڳلو- گلو (ميجيءَ جو).

ڪَلو لڳڻ: سخت اچ لڳڻ. ٽٽڪو ٿيڻ. سوڪَ يا اڻاٺَ ٿيڻ.

ڪِلو: ذ. ڪاٺيءَ جي وڏي ميخ (گهوڙي وغيره ٻڌڻ لاءِ). ڪاٺي يا لوهه جي وڏي ڪِلي- ڪِيرُ.

ڪِلو لوڪڻ: سخت پورهيو وٺڻ. سزا واري سختي ڪرڻ.

ڪِلي ساڻ ٻڌڻ: قابو ڪرڻ. وس ۾ رکڻ.

ڪِلي وَڪَڙُ: ث. ڳنڊ جو هڪ نمونو- ڏيڊي ڳنڊ (جيڪا آساني سان کُلي سگهي).

ڪِلو: ذ (يوناني) هڪ هزار جو عدد (ڳڻپ جو انگ).

ڪِلو گرامُ: ذ. تور جو هڪ وزن (جنهن ۾ هڪ هزار گرام ٿين، ۽ هڪ سير اسي تولن جي برابر ٿئي).

ڪِلو ميٽرُ: ذ. ماپ جو هڪ انداز (جيڪو ٥ فرلانگن يا ١١٠٠ والن جي برابر ٿئي).

ڪَلواڙو: ذ. وڄت جو هڪ تارُ.

ڪَلوڙُ: ذ. ظلم- وَيلُ- انڌير.

ڪَلوڙ ڪرڻ: ظلم ڪرڻ- قهر ڪرڻ- وَيل وِهائڻ.

ڪَلوسُ ڪَلوس: ث. ٻڪَ اچ کان آنڊن ۾ تانگهہ. سرڻ وانگر لامارا (ٻک ۾). ان پاڻيءَ جي تانگهہ.

ڪَلونتُ: ص. ڪلا يا هنر وارو. خاص ڪري ڳائڻو- ڳويو. هنرمند. هوشيار- ڏاهو (هنرمند).

ڪَلوئي: ذ. بلوچن جو هڪ پاڙو (جن جا ڳوٺ سڄي سنڌ ۾ آهن).

ڪَلهہ: ظ. گذريل ڏينهن- ڪالهہ.

ڪَلهہ ڪَلهوئي: ث. هلندڙ وقت جو ذڪر. ويجهڙائي جو بيان. هينئر جي ڳالهہ.

ڪَلهو: ذ. جانور جو نر ٻچو. انسان جو ننڍڙو ٻچو. معصوم- ابهم.

ڪُلهو: ذ. ڪنڌ وٽ ٻانهن جو سنڌ- ڪنڌو- دوش- شانو.

ڪُلهو جهلڻ: ٻئي جي ڪُلهي تي هٿ رکڻ. مدد ڪرڻ- همراهي ڪرڻ.

ڪُلهو ڏيڻ: همراهي ڪرڻ- مدد ڪرڻ. سرانجامي ڪرڻ. جنازي کڻڻ ۾ شريڪ ٿيڻ.

ڪُلهو لهي پوڻ: ٻانهن سَنڌ کان نڪرڻ.

ڪُلهي چڙهڻ: پنهنجي روءِ سُوءِ ٿيڻ. جوان ٿيڻ. بالغ ٿيڻ. پنهنجي ڪمائي وارو ٿيڻ.

ڪُلهي ڪانڌي ٿيڻ: ڪفن دفن جي رسمن ۾ شريڪ ٿيڻ. ڪانڌي ٿيڻ.

ڪُلهي گسَ: ث. ڳپاڳيهه- ڳاهٽ. مالهن جي پيڙ.

ڪُلهيرو: ذ. ڪورڪي ڪم جو هڪ اوزار. تاڃي کي سنوارڻ جو ٻُهارو. (ث. ڪُلهيري).

ڪَلِي: ث (سن) مکڙي- غنچو. گونچ. ڪپڙي جي پَٽي جيڪا پهراڻ جي پاسن کان لڳي.

ڪِلِي: ث. ڪاٺ يا لوهه جو چهنبيارو ٽُڪر- ميخ.

ڪُليات: ث (ع) "ڪُل" جو جمع. تصنيفات جو مجموعو. هڪڙئ شاعر جي چيل نظمن جو مجموعو.

ڪَلياڻُ: ذ (سن) سڀاڳ. خوشي. سُک. سَکائي. سوڀ. هڪ راڳ ۽ راڳڻي جو نالو.

ڪلياڻ ٿيڻ: ڪاميابي ٿيڻ. سوڀ ٿيڻ.

ڪَليجو: ذ. جِگر- جيرو.

ڪليجو ٺڏو ٿيڻ: خوش ٿيڻ. اندر ٺرڻ.

ڪليجو جلڻ: جگر جلڻ. اندر سڙڻ.

ڪليجو ڦاٽڻ: سخت صدمو پهچڻ.

ڪَليجي: ث. جسم ۾ رت صاف ڪندڙ هڪ عضوو. جيرو- جگر.

ڪَليدَ: ث (ع) ڪنجي- چابي.

ڪَليسا: ث (ف) عيسائين جو عبادت گاهه- گرجو- ديول.

ڪَليڪٽَرُ: ذ (انگ) ضلعي جو وڏو روينيو آفيسر جنهن کي هاڻي ڊپٽي ڪمشنر سڏيو وڃي ٿو.

ڪَلِيمُ: ص (ع) ڪلام ڪندڙ- ڳالهائيندڙ. حضرت موسيٰ عليه السلام جو لقب (جيڪو جبل طور تي خدا تعاليٰ سان هم ڪلام ٿيو هو).

ڪَلِيمُ الله: ذ. خدا سان هم ڪلام ٿيندڙ (حضرت موسيٰ عليه السلام).

ڪَمُ: ص (ف) ٿورو- گهٽ. ٿندو. ڪَسو. مرڪب لفظن ۾ صفاتي اڳياڙي طور ڪم ايندڙ. (جئين: ڪم عقل، ڪم بخت وغيره).

ڪَمُ: ذ. فعل- عمل- هاج- ڪِرت. پورهيو. محنت. مزدوري. مقصد- مطلب- غرض. هنر- پيشو. فرض. تعلق- واسطو. خدمت- ٽهل.

ڪم اچڻ: استعمال ٿيڻ. مددگار ٿيڻ. ڪارآمد ٿيڻ.

ڪم ٽپائڻ: مطلب پورو ڪرڻ. مقصد حاصل ڪرڻ. ڪم جي پوراڻي ڪرڻ.

ڪم پوڻ: غرض اٽڪڻ- مطلب پوڻ.

ڪم چَلائُو: ص. ڪم ڪڍڻ جهڙو- هالو چالو.

ڪم چورُ: ص. ڪم کان ٽٽائيندڙ. سُست.

ڪم ڌنڌو: ذ. ڪم ڪار. ڪاروبار.

ڪم ڪڍڻ: ڪم پيدا ڪرڻ. هڪڙي ڪم سان ڳنڍ پيو ٻه ڪم وٺڻ. مطلب حاصل ڪرڻ.

ڪم هلائڻ: ڏنڌي سان لڳو رهڻ. جهڙو تهڙو گذارو ڪرڻ.

ڪُمُ: ذ. ڪُوئي (نيلوفر) جو ڦُرُ.

ڪُماچ: ذ (ف) هڪ قسم جو ساز.

ڪَماحَقَهُ: ظ (ع) جيترو ان جو حق آهي. بخوبي- چڱيءَ طرح. جيئن ته حقيقت هيءَ آهي.

ڪُمارُ: ذ (سن) چوڪرو. ڪنوارو چوڪرو. پُٽ. شهزادو. (ث. ڪُماري).

ڪمالُ: ذ (ع) تڪميل- خاتمو. انتهائي ترقي. اوج. فوقيت- برتري. خوبي- سُهڻائي.

ڪمال ڪرڻ: حيرت انگيز ڪم ڪرڻ.

ڪَمالات: ذ (ع) "ڪمال" جو جمع.

ڪَماليَت: ث (ع) ڪمال. تڪميل.

ڪِمامُ: ذ. ٽڙيل پکڙيل سامان. اڻ ڪٿ ڪم ڪار. گهڻي مشغولي.

ڪَمانَ: ث (ف) تير هڻڻ جو اوزار. گولائي. محراب.

ڪَمانِ: ث (انگ) حڪم- فرمان. سرداري. فوج جي اڳواڻي.

ڪمانڊُ: ذ. ڪمند- نيشڪر.

ڪَمانڊَر: ذ. فوج جو هڪ عهديدار.

ڪَمانگَرَ: ص (ف) ڪَمانون ناهيندڙ. رنگين نقاشي ڪندڙ.

ڪَمانگرِي: ث. نقاشي- رنگين چِٽَن ۽ گُلڪاريءَ جو هُنر.

ڪَمانِي: ث. لوهہ جو اڌ گول پٽو (جيڪو اسپرنگ طور گاڏين ۾ ڪم اچي).

ڪَمائتو: ص. ڪم جهڙو. ڪم ۾ اچي سگهڻ جهڙو. فائديمند. (ث. ڪمائتي).

ڪَمائِڻُ: م. اپائڻ- پيدا ڪرڻ. نرم ڪرڻ (چمڙو). زمين کي هر ڏيئي آبادي لائق بنائڻ. ڪٽڻ (ثواب). ذبح ڪرڻ (جانور).

ڪَمائڻ ڪاٽڻ: آڻڻ ۽ چاڙهڻ- گذر سفر ڪرڻ.

ڪَمائُو: ص. ڪَمائيندڙ. ڪمائي ڪرائيندڙ. پورهيت.

ڪَمائي ڪاٽڻ: پورهيو ڪري گذر ڪرڻ. پنهنجي محنت جو ڦل حاصل ڪرڻ.

ڪَمائِي: ث. اپت- پيدائش. فائدو- نفعو. آمدني.

ڪَمائِي ڪرڻ: پورهيو ڪرڻ. محنت ڪرڻ. اُپت ڪرڻ.

ڪَمبَخت: ص (ف) نياڳو- بدنصيب.

ڪَمبختِي: ث. نياڳ- بدنصيبي. مصيبت.

ڪَمَبلُ: ذ. ٿُلهي اوني چادر (جيڪا سياري ۾ اوڇڻ طور ڪم اچي).

ڪَمتَر: ص (ف) تمام گهٽ- نهايت ٿورو. ادنيٰ. حقير.

ڪَمتَرِين: ص. ڪمتر. تمام ٿورو. نهايت گهٽ درجي جو- حقير.

ڪَمتي: ص. گهٽ- ٿورو- اڻپورو.

ڪَمپاسُ: ذ (انگ) جاميٽري جو هڪ اوزار- پلڪار. قطب نما.

ڪَمپَني: ث (انگ) سوداگرن جي جماعت. پيادل فوج جو هڪ حصو (جنهن ۾ ٦ آفيسر ۽ ٢٢١ سپاهي ٿين. چار ڪمپنيون هڪ بٽالين ۾ ٿين).

ڪَمپازِيٽَر: ذ (انگ) ٽائيپ جا اکر ملائيندڙ.

ڪَمپوزِنگ: ث (انگ) ٽائيپ جي اکرن ملائڻ جو ڪم.

ڪَم خَرچ: ص (ف) گهٽ خرچ وارو- ڪفايتي.

ڪَمدارُ: ص. ڪارڪن. ٻني ٻاري جي سنڀال ۽ انتظام هلائيندڙ.

ڪَمذاتِ: ص (ف) نيچ. ڪميڻو. گهٽ نسل وارو.

ڪَمَرَ: ث (ف) چيلهہ. ڪنهن چيز جو درمياني حصو.

ڪَمر ٻڌڻ: آماده ٿيڻ- تياري ڪرڻ. پڪو ارادو ڪرڻ.

ڪَمربَستہ: ص (ف) سندرو ٻڌل. تيار- آماده.

ڪَمر سڌي ڪرڻ: آرام سان ليٽڻ. چيلهہ سڌي ڪرڻ. سمهڻ.

ڪُمِر: ث. جنڊ ۾ ٻاري وجهڻ وارو ڳڙک.

ڪَمربَندُ: ذ (ف) چيلهہ کي ٻڌڻ جو ڪپڙو يا پٽو. ڌرتيءَ جي گولي جو هڪ خيالي حصو (جاگرافي جي اصطلاح موجب اتر ٿڌو ڪمربند، اتر پورو پنو ڪمربند، گرم ڪمربند، ڏکڻ پورو پنو ڪمربند، ۽ ڏکڻ ٿڌو ڪمربند).

ڪَمرو: ذ. ڪوٺي- روم. جاءِ يا گهر جو هڪ روم.

ڪَمزورُ: ص (ف) هيڻو- بي طاقت. اِيرو. بي ٻهچ.

ڪمزوري: ث. هيڻائي- بي طاقتي. ايرائي.
ڪم سُخَن: ص (ف) تور ڳالهائُو- بي زبان.
ڪَمسِن: ص (ف) ننڍيءَ عمر جو- ٻار. معصوم.
ڪَمسِني: ث. ننڍپڻ. معصوميت.
ڪَم ازڪَم: ظ (ف) گهٽ ۾ گهٽ.
ڪَمِشنرُ: ذ (انگ) ڊويزن يا علائقي جو وڏو روينيو آفيسر.
ڪَم ظَرفُ: ص (ف) هلڪي طبيعت وارو- ڪميڻو. ٽرڙو.
ڪم ظَرفِي: ث. ڪميڻپ- رذالت.
ڪَم عَقُل: ص (ف) بيوقوف- احمق. مورک- نادان.
ڪم عَقِلي: ث. بيوقوفي- احمقپائي.
ڪَم عُمرِ: ص (ف) ننڍيءَ عمر وارو- ڪَمسِن. ٻار- معصوم.
ڪم عُمرِي: ث. ننڍپڻ- ٻالڪپڻ- ڪَمسني.
ڪم فَهَمُ: ص (ف) بي عقل- بيوقوف- ناسَمجهه. ڳهلو- موڳو.
ڪَم فهمي: ث. بي عقلي- ناداني.
ڪَم قِيمَت: ص (ف) گهٽ قيمت وارو- ٿور مُلهو- سستو.
ڪُمَڪ: ث (ف) مدد. لڙائيءَ ۾ فوجي مدد لاءِ وڌيڪ موڪليل امداد (سامان ۽ نفري).
ڪَمُ ڪوسُ: ص. ڪم کان نٽائيندڙ. ٽوٽي. سست.
ڪَم گو: ص (ف) تورو ڳالهائو- گهٽ ڳالهائيندڙ.
ڪَم مايہ: ص (ف) ٿورِي پونجيءَ وارو.
ڪَمَندُ: ذ (ف) ڦندو (رسيءَ جو). رسيءَ جي ڏاڪڻ. ڪماند- ٽيشڪر.
ڪَم ڪارُ: ذ. ڌنڌو ڌاڙي- ڪاروبار. اُٿي ويٺي.
ڪم نَصِيبُ: ص (ف) نڀاڳو- بدبخت- ڇَنڊو.
ڪم نَصِيبي: ث. نڀاڳ- بدبختي.
ڪم و بيش: ظ (ف) تور گهڻو- گهٽ وڌ. لڳ ڀڳ.
ڪُمَهلائِي: ث. بيگاهه وقت- اويرَ- دير.
ڪُمَهلو: ص. بي وقت. بيگاهه وقت. اويرو- دير سان. (ث. ڪُمهَلِي).
ڪَمِي: ص. ڪم وارو- پورهيت. مزور.
ڪَمِي: ث (ف) گهٽتائي- ڪوتاهي. ٿورائي. اڻاٺ.
ڪَمِي بيشِي: ث. گهٽ وڌائي. ڪس ڪٽر.
ڪَميابِي: ث (ف) ٿوراِئي- ٿلت- اڻاٺ.
ڪِمِي: ث. ڪَرنڊي- ٽپري.
ڪُمِي: ث. هڪ قسم جو آبي جانور.
ڪُميتُ: ذ (ع) ڪارڙي ميرڙي رنگ جو گهوڙو.
ڪَميٽِي: ث (انگ) انتظامي ڪم لاءِ مقرر ڪيل ننڍي جماعت.
ڪَمِيشَنَ: ث (انگ) دلالي. خاص مسئلن جي جانچ ڪندڙ ڪميٽي.
ڪَمِين: ص (ف) نيچ- گهٽ.
ڪَمِينو: ص (ف) ڪريل- رذيل- نيچ.
ڪَمِينگاهِ: ث (ف) شڪار لاءِ لڪي ويهڻ جي جاءِ- ڪُڏُو- مُهاڙي.
ڪَمِيڻپَ: ث. رذالت- ڪَمينگِي.
ڪَمِيڻو: ص. رذيل.
ڪَمِيتَ: ث (ع) مقدار- ماڻ (تور يا ماپ جو). تعداد (ڳڻپ جو).
ڪَنُ: ذ. ٻُدڻ جو عضوو- گوش. چوپائي مال لاءِ ڳڻپ جو اسم (مثال: ٻڪرين جا گهڻا ڪن تو وٽ آهن؟).
ڪَنَ ٻوڙا ٿيڻ: گهڻي هُل سبب ٻڌڻ جي طاقت نہ رهڻ.
ڪَنُ ٿيڻ: تنبيهہ ٿيڻ. هوش اچڻ. خبر پوڻ. تجربو ٿيڻ.
ڪَنَ پَرڻ: برغلائڻ. لائي چائي ڪرڻ.

ڪَنَ تُوڻِ، ڪَنَ سِبَڻ: ڳهڻ پائڻ لاءِ ڪن ۾ سوراخ ڪرڻ.

ڪَنَ جوڙ ڳالهيوڙ ڪرڻ: سُسُ پُس ڪرڻ. سرگوشي ڪرڻ.

ڪَنَ جَهلڻ: توبهه ڪرڻ. ترڪ ڪرڻ. اطاعت ڪرڻ.

ڪَنَ چَپا ڪرڻ: ٻپ ۾ چُپ اختيار ڪرڻ.

ڪَنَ ڏيڻ: ڳالهه ٻڌڻ لاءِ توجهه ڏيڻ.

ڪَنَ ڪَترڻ: فن ۾ اُستاد ٿيڻ. هوشيار ٿيڻ. عاجز ڪرڻ.

ڪَنَ ڪرڻ: ٻڌي پاسو ڪرڻ.

ڪَنَ ڪُشي، ڪَنَ گوشي: ث. ڪن مان جهلي اُٿ ويهه ڪرائڻ جي سزا. ڪَنَ پٽڻ جي سزا- گوشمالي.

ڪَن ڪاٽڻ: اجائي بڪ ڪرڻ. گهڻو ڳالهائي ڪڪ ڪرڻ.

ڪَن لڪائڻ: ڪنهن هنڌ اجهو ڪرڻ. بچاءُ وٺڻ.

ڪَنَ مروٽڻ، ڪَنَ مروڙڻ: ڪن کي مهٽڻ. ايذاءُ ڏيڻ. گوشمالي ڪرڻ.

ڪَنَ مَروٽَ، ڪَنَ مَهٽَ: ث. سيڪت ڏيڻ. جُٽ ڪرڻ. سزا ڏيڻ.

ڪَن ۾ ڦوڪَ ڏيڻ: اطلاع ڏيڻ. اڱوات ٻڌائڻ. بدگمان ڪرڻ.

ڪَن نه ڏيڻ: ڌيان نه ڏيڻ. نه ٻڌڻ.

ڪَنَ وَڄڻ: ڪن ۾ آواز اچڻ. ڪنهن سڏ جو گمان ٿيڻ.

ڪن تي هٿ رکڻ: انجاڻ بنجڻ. ناواقفيت جو اظهار ڪرڻ. صاف انڪار ڪرڻ. توبهه ڪرڻ.

ڪن جو ڪچو: ص. هرڪنهن ڳالهه تي اعتبار ڪندڙ.

ڪن ۾ ڪيهه وجهڻ: ڪابه ڳالهه نه ٻڌڻ. ڌيان نه ڏيڻ. بينڪر ٿيڻ.

ڪِنُ: ذ. ڪچرو- ٻهر. گندگي- غلاظت.

ڪِنُ ڪرڻ: گند ڪچرو ڪرڻ. گندو ڪم ڪرڻ.

ڪِنُ مَٿِڻُ: گندو ڳالهائڻ- گارگند ڪرڻ. واهيات ڳالهائڻ.

ڪُن: امر (ع) ٿيءُ. مسلمانن جي عقيدي موجب خداتعاليٰ دنيا کي ٺاهڻ لاءِ "ڪُن" جو امر ڪيو.

ڪُنُ: ذ. درياء وغيره ۾ پاڻيءَ جو گهيرو- گرداب. اونهون پاڻي. رنگريزن جي اصطلاح ۾ رنگ ٺاهڻ جو ڪُونر.

ڪِنارِ: ث (ف) ڪنارو- ڪنٺو- لب. ڪُپُ. پاسو- ٻَرِ.

ڪِنارو: ذ (ف) ڪپُ- ساحل. پاسو. ڪپڙي جي وَٽِ (جنهن تي زري هڻجي).

ڪِنارَه: ذ (ف) ڪنارو- ڪپ- ساحل.

ڪِناره ڪَش: ص. پاسو ڪندڙ. بي تعلق- غيرواسطيدار.

ڪِنارِه ڪَشِي: ث. بي تعلقي- غيرواسطيداري. جدائي- علحدگي.

ڪِنارِي: ث. ڪِنار. پوتيءَ وغيره جو پلاند (جنهن تي زري يا پانڪ وغيره لڳي). پانڪ.

ڪَنان، ڪِنان: ظ. ڪان- وٽان- طرفان.

ڪَنائِڻُ: م. ڪن ڏيڻ. ڌيان ڏيڻ. خيال سان ٻڌڻ. ٻڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ. ڪَن ڪرڻ- ٻڌڻ.

ڪِنايہ، ڪِنايو: ذ (ع) اشارو. اهڃاڻ. رمز. لڪل ڳالهه- ڳجهه.

ڪِنايتا: ظ. اشاري سان.

ڪَنُبُ: ذ (سن. ڪُنب= گهڙو. دلو) پاڻيءَ جو وڏو تلاءُ. پاڻيءَ جي اونهي ڪڏ. صاف پاڻي جو تلاءُ- ڪولابُ.

ڪَنبائِڻُ: م. ڏڪائڻ- رڙائڻ. ڊيڄارڻ. ڊپ وجهڻ.

ڪَنبَڻُ: م. ڏڪڻ- لرزڻ. ڌُٻڻ- ڌُڏڻ (زمين). رڙڻ. ڊڄڻ.

ڪَنبڻي: ث. ڏڪڻي- لرزش- رڙڻي. ڊپ- ڀؤ.

ڪُنيارُ: ص. مٽيءَ جا ٿانوَ ٺاهيندڙ- ڪُنڀَر.

(ڪُنيارِ).

ڪُنيرَ. ڪُنيارَ؛ ذ. هڪ ذات جو نالو.

ڪَنِٽري؛ ص (انگ. ڪنٽري) سادو- هلڪو- عام رواجي. ديسي (مال).

ڪَنِٽارَ؛ ث. ڳالهہ ٻُڌي اڻ ٻڌي ڪرڻ. لنوائڻ- ٽائڻ.

ڪَنِٽوپُ؛ ذ. ڪَن کي ڍڪيندڙ ٽوپي.

ڪَنِٺورُ؛ ص. ٺَرڙو- رولو. خسيس (ماڻهو).

ڪَنٽومينٽ؛ ث (انگ) ڇاوڻي.

ڪَنٽيجَنٽ؛ ذ (انگ) متيون خرچ. وڌيڪ خرچ. متفرقو خرچ.

ڪَنٺُ؛ ذ (سن) ڳچيءَ جي اڳيرين هڏي. ڳچيءَ- گردن- گلو- ڳاٽُ.

ڪَنٺو؛ ذ. ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ زيور- هار (سون يا مرجان جي داڻن جو). مکڙين جو هار. فقيرن جي ٽِيٽيهن داڻن واري مالها. ڪپ- ڪنارو. ٽر جو هڪ ياڳو.

ڪُنجُ؛ ذ (ف) ڪُنڊ- گوشو. وَڻن جو جهڳٽو. ولين سان ڍڪيل مَنهہ.

ڪُنج تنهائي؛ ث. اڪيلائي- گوشہ نشيني.

ڪُنجارو؛ ذ. وِچون- پَٿون.

ڪَنجرو؛ ذ. پرت پريل زنانو چولو (جيڪو ڪنوار پرڻي وقت پائي). ڳجَ جو هڪ قسم.

ڪَنجَڪَ؛ ث. واڳ- لغام. اُٺ يا گهوڙي جي رڪيب جو پٽو.

ڪَنجِڪي؛ ص. گهوڙي جي واڳ وٺي هلندڙ خدمتگار.

ڪَنجُوس؛ ص. مرڇوٽ- بخيل.

ڪَنجُوسائي، ڪَنجُوسي؛ ث. شومت- بخيلي- مرڇوٽائي.

ڪُنجِي؛ ث. تالي يا ڪلف کولڻ جي چاٻي- ڪليد. سمجهاڻيءَ وارو ڪتاب.

ڪِنجهہَ؛ ث. سُور کان دانهن- ڪُڪَ.

ڪِنجَهڪارَ؛ ث. بيماري يا آزار کان دانهن. چِنگهہَ.

ڪِنجهڪو؛ ذ. ڪنجهہ. دانهن- چِنگهہ.

ڪِنجَهڻُ؛ م. تڪليف يا ايذاءَ کان آواز ڪرڻ- چنگهڻ. ڪُرڪڻ- ڪُڪڻ.

ڪَنجهو؛ ذ. ڌاتوءَ جو هڪ قسم (جيڪو قلعي، ٽامي، پتل ۽ جست مان ٺهي).

ڪَنجِهي؛ ث. ڪَنجهي جي ٺهيل ٿالهي يا وَٽي (جيڪا وڄائڻ جي ڪم اچي)- جهانجهہ.

ڪَنچَنُ؛ ذ (سن) سونُ- زر- طلا.

ڪَنچِني؛ ث (سن) طوائف- ناچڻي. رنڊي.

ڪُنڊِ؛ ث. لاٺون وغيره جي لوهي ڇهنب. ڪنهن لوهي اوزار جي نَوڪَ.

ڪُنڊُ؛ ذ (سن) نيزو- ڀالو. ڇهنبدار هٿيار.

ڪُنڊُ؛ ص (ف) مُڏو.

ڪُنڊ ذِهن؛ ص. موڳو- مُوڙهل (عقل ۾)- غَبِي.

ڪُنڊ فَهم؛ ص. موڳو. غبي.

ڪُنڊِري؛ ث. هٿيار جو هڪ قسم (فقير ڪٺن). لوهہ جو ڇهنبيارو لڪڻ (جيڪو فقير ڪٺن ۽ جتي ويهن تتي ڪوڙين).

ڪُنڊَنُ؛ ذ (سن) نج سونُ.

ڪُندو؛ ذ. ڪاٺيءَ جو ٽُڪر. بندوق جي دستي واري ڪاٺي.

ڪَنڊُوري؛ ث (ف) عام لنگرَ جي ماني.

ڪَندَه؛ ص (ف) کوٽيل- اُڪريل (پٿر يا ڪاٺ تي).

ڪَنده ڪارِي؛ ث. پٿر يا ڪاٺيءَ تي اُڪريل چِٽَ، اکر يا نقش نگاري.

ڪَنڌُ؛ ذ (سن) ڳچيءَ جو پٺيون پاسو. گردَن- ڳچي. ڳاٽُ- ڳاٽو.

ڪنڌ ڀڃڻ، ڳاٽو ڀڃڻ- گردن ٽوڙڻ. شڪست ڏيڻ. زير ڪرڻ- تابع ڪرڻ. هٿ ڀڃڻ.

ڪَنڌ پَر ڪرڻ، سخت نقصان رسڻ. تڪبر لهي وڃڻ.

ڪنڌ ڪڍڻ، منهن مٿي ٿيڻ. سويارو ٿيڻ. تندرست ٿيڻ. ڪجهه چاق ٿيڻ.

ڪنڌ لهڻ، بي مانو ٿيڻ. هٿ ڀڃڻ.

ڪنڌ نمائڻ، نهٽائي ڪرڻ. رضامند ٿيڻ. آمنا مڃڻ. سجدو ڪرڻ.

ڪنڌ هيٺ ڪرڻ، شرمسار ٿيڻ- لڄي ٿيڻ. مياري ٿيڻ.

ڪَنڌارُ، ص. بهادر- دلير. ڏاڍو جوان. سورهيه.

ڪنڌو، ذ. ڪنڌ. ڪنڌ وارو سَنڌ. ڪُلهو. ڪپر- ڪنارو.

ڪَنڌِي، ث. ڪنارو- ڪپرُ. پڪي ٿُونٽي جي پِٽ. جَهلو- آڏ. آڌار- وسيلو. اجهو- پناه.

ڪَنڊِ، ث. ڪنڊن وارو ڍنگهر. ڪنڊن ٻوٽن وارو جهنگ. ڪنڊن وارو ٻُوٽو. فوتيءَ جي ٻارهين يا پندرهين ڏينهن جي هڪ رسم.

ڪُنڊَ، ث. گوشو- زاويو. طرف- پاسو.

ڪُنڊائِتو، ص. ڪُنڊ وارو. ڪُنڊَ ۾. گوشائتو- پاسي تي. (ث. ڪُنڊائتي).

ڪُنڊَ ڪُڙڇَ، ث. اوسو پاسو- هرهنڌ. چارئي پاسا.

ڪُنڊَ ماپَ، ث. جاميٽري جو هڪ اوزار (جنهن سان ڪنڊ ماپجي).

ڪُنڊَ وسائڻ، گوشہ نشيني اختيار ڪرڻ.

ڪنڊڙو، ذ. زنجير جي ڪڙن وانگر ڀرت جو هڪ قسم.

ڪَنڊِڙي، ث. ڪنڊيءَ جو وڻ- ڪنڊي.

ڪَنڊو، ذ. وڻ يا ٻوٽي جو قدرتي سيلهه- خار. مڇي وغيره جو سنهون نوڪدار هڏو. نانگ بلا جو هڏو (جيڪو ڪنڊي وانگر سنهون ٿئي). دشمن.

ڪَنڊا وڇائڻ، تڪليف پهچائڻ لاءِ رنڊڪون پيدا ڪرڻ.

ڪَنڊو لڳڻ، سيلهه لڳڻ- جسم ۾ خار چُڀڻ. نقصان پهچڻ. تڪليف پهچڻ.

ڪَنڊو نڪرڻ، اٽڪاءُ لهڻ. رنڊڪ دور ٿيڻ.

ڪَنڊِي، ث. هڪ قسم جو وڻ.

ڪَنڊِيارو، ذ. ڪنڊن واري جُوءِ. اها ايراضي جتي ڪَنڊِ گهڻي هجي. ضلعي نواب شاه جو هڪ شهر.

ڪَنڊِيارِي، ث. ڪنڊي جي وڻن ٻُوٽن واري ايراضي. سنڌ ۾ گهڻين ديهن جو نالو.

ڪُنڊائِي، ث. دغابازي. ٻيائي. ٻچاپڙائي. منافقت.

ڪُنڊَلُ، ذ. والو (جوڳي ڪن ۾ پائين). (ص) ڪنڊن وارن وارو- سهڻو.

ڪَنڊِلو، ڳهه جو هڪ قسم. هار- ڪنڊي. ڪن ۾ پائڻ لاءِ چانديءَ جو والو.

ڪُنڊِلِي، ث. نانگ جو ويڙهجي ويهڻ وقت هنيل وڪڙ.

ڪُنڊِو، ذ. ڪنهن چيز جي لٽڪائڻ لاءِ لوهي آنڪڙو. دروازي جي ڪڙي ۾ ڦاسائڻ لاءِ لوهي ڇلو (جنهن ۾ ڪڙو وجهجي). زنجير جي ڪڙي.

ڪَنڊِي، ث. هار. گلن جو هار. مالها.

ڪُنڊِي، ث. دروازي جي زنجير. مڇي ڦاسائڻ لاءِ لوهي انگڙو. در جي طاق کي بند ڪرڻ لاءِ تاڙي. زريءَ جي ڀرت ڀرڻ جي آر. اُها مينهن جنهن جا سڱ وريل هجن. ڪُنڊِلي- حلقو. نانگ جو گولائيءَ ۾ وڪڙ.

ڪَنَرُ، ذ. عاج. شيشي يا ڪاٺ مان ٺهيل ڪَن جو والو (جيڪو جوڳي پائين).

ڪَنَ رَسُ، ذ. راڳ وغيره ٻڌڻ جو مزو. ڪن کي وڻندڙ سريلو آواز. راڳ جي پروڙ.

ڪَنِرو، ذ. ڪن ڏيئي ٻڌڻ واري حالت. لڪي

ڳالهيون ٻڌڻ.

ڪَنرو ڏيڻ؛ لڪي ڳالهيون ٻڌڻ.

ڪُنرو؛ ذ. گهيرو- گول چڪر. گولائي ۾ گڏجي ويهڻ جو نمونو.

ڪُنرو ڪرڻ؛ گڏجي ويهي صلاح مشورو ڪرڻ. رِٿ رٿڻ.

ڪَنڙو؛ ذ. هڪ قسم جو پسارڪو وکر. جنهن سان وار صاف ٿين.

ڪُنڙو؛ ذ. ننڍو ڪُنو. لِڪَر جي ننڍي ديڳڙي. (ث. ڪُنڙي).

ڪَنزُ؛ ذ (ع) خزانو- گنج. فقه جي مسئلن بابت هڪ ڪتاب.

ڪَنسترُ؛ ذ (انگ) ٽِينَ جو ڊبو (جنهن ۾ گاسليٽ وغيره رکجي).

ڪَنسرو؛ ذ. لڪي ڳالهيون ٻڌڻ- آهستگي سان ڳالهيون ڪندڙن جون ڳالهيون لڪي ٻڌڻ.

ڪَنَ سوپاري؛ ث. هڪ قسم جو جيت (جيڪو ڪَن ۾ گهڙي وڃي ۽ تڪليف ڏئي).

ڪَنڦاڙُ؛ ص. هندو فقيرن جو هڪ قسم (جيڪي ڪن ۾ وڏا والا پائين).

ڪَنڦٽ؛ ذ. ڪن کي چير ڏنل فقيرن جو هڪ قسم. جوڳي فقيرن جو هڪ گروه.

ڪَنگُ؛ ذ. هڪ قسم جو آبي پکي- بگهه پکي.

ڪنگ رڙڻ؛ بربادي ٿيڻ- ويراني ٿيڻ.

ڪَنگالُ؛ ص. پينگيو- سڃو- ڪُنل- مفلس.

ڪِنگرُ؛ ذ. نڪر جو لوٽو (جيڪو اڳ نار يا هرلي جي مالهه ۾ ٻڌبو هو).

ڪُنگرو؛ ذ (ف) عمارت يا قلعي وغيره ۾ نهيل محرابدار جارو. حاشيو. پرت جو هڪ قسم.

ڪِنگري؛ ث. نڪر جو لوٽو- ڪِنگرُ.

ڪُنگري؛ ث. اڳاوت ۾ سهڻائي لاءِ سِرُن جي تڪنڊي قطار. پَرت جو هڪ نمونو.

ڪَنگلو؛ ص. ڪنل- مفلس- نادار- مسڪين. (ث. ڪنگلي).

ڪَنگڻُ؛ ذ. ٻانهن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه- وڏي پٽي وارو چوڙو. چُوڙو. ڪولابو.

ڪنگڻ ڪڍي ويهڻ؛ نابري وارڻ- انڪار ڪرڻ. لٺي ليکي ڪان جواب ڏيڻ.

ڪَنگڻي؛ ذ. چانورن جي هڪ جنس- سَنڙيا چانور.

ڪَنگڻي؛ ث. چوڙو- چُوڙي. پٽ ۾ ٻَهر تي نڪتل سِرن جي قطار- ڪُنگري.

ڪَنگڻ ڪار، ڪنگڻ هار؛ ث. هڪ قسم جو پسارڪو وکر (نوشادر ۽ شورو ملايل).

ڪَنگو، ڪَنگهو؛ ذ. ڦٽي. ڦٽونو. مٽي جي وارن کي قابو بيهارڻ لاءِ وريل ڦٽي.

ڪُنگو؛ ذ. ننڍو لٽي جو وڻ. لٽي جو ٻوٽو. سِينڌر. لٽي جي ٽارن جو ڳاڙهو گلابي رنگ (جنهن سان ڪپڙا رنگجن).

ڪُنگو ٽارو؛ ذ. لٽِي جي ٻوٽي جي ٽاري (جيڪا ٽانون مانجڻ جي ڪم اچي).

ڪُنگو ريت؛ ذ. لٽي جي وڻ جي ڳاڙهي ٻونگر.

ڪَنگورُ؛ ذ. ڪانهن جي قسم جو هڪ ٻوٽو (جنهن جي ڪانن مان نڙ، ٻانسريون ٺهن).

ڪَنگي، ڪَنگهي؛ ث. ڦٽي. ننڍي ڦٽي.

ڪِنگهي؛ ث. هڏن جي هڪ بيماري (جيڪا گهڻو ڪري ٻارن کي ٿئي).

ڪِنگهي ڪاڏل؛ ص. اپرو- ڪمزور- هيڻو.

ڪَنَ لاٽارَ؛ ث. ٻڌو اڻ ٻڌو ڪرڻ- بي ڌياني. ٻڌي

نٿاڻي وجهڻ. بي پرواهي.
ڪَنَندَهَ: ص (ف) ڪَيَل. ڪندڙ. صفاتي پڇاڙي طور ڪم ايندڙ لفظ.
ڪَنو: ذ. ڪنارو- پَرِ- ڪَپُ. ڪنهن ٿانءَ جو مٿيون حصو. ڪنار- وَٽِ. پاسي وارو ٺُڪر.
ڪِنو: ص. گندو- خراب- غليظ- ٻُرو. ميرو- اڻ ڌوتل- اپالو. ٻاسي- پاروٿو. ڪِني ڌپَ وارو. (ٿ. ڪِني).
ڪِنو ڪوجهو: ص. گندو ۽ ٻڇڙو. بدافعال. جهڙو تهڙو. (ٿ. ڪِني ڪوجهي).
ڪُنو: ذ. ٺڪر جو ديڳڙو.
ڪُنا ڪارا ڪرڻ: ڪجهه بہ نہ ڪرڻ. ڪوبہ چڱو ڪم نہ ڪرڻ.
ڪُنو چاڙهڻ: ديڳڙو چاڙهڻ. پنهنجي مڙسي ڪرڻ. پاڻ پرو ٿيڻ.
ڪَنواٽُ: ذ. ٻن سالن جمار جو اُٺ. گؤنرو- توڏو. (ص) جوان- ڳڀرُو.
ڪَنوالِي، ڪاوالِي: ٿ. ڪلهن تي رکيل ڪاٺي (جنهن جي ٻنهي ڇيڙن ۾ پاڻي پرڻ لاءِ دِلا يا ٽين ٻڌل هجن). لٺ يا ڏُڪو جنهن جي ٻنهي طرفن بار کڻڻ لاءِ رسيُون ٻڌل هجن.
ڪُنوارَ: ٿ. نئين پرڻيل عورت. وَني- ٻَني. هارسينگار ڪيل عورت. سهڻي عورت.
ڪُنوارپڻو، ڪُنواريو: ذ. شاديءَ کان اڳ جو زمانو- دوشيزگي.
ڪُنوارو: ص. اڻ پرڻيل. ڇڙو ڇانڊ.
ڪُنواري: اڻ پرڻيل عورت.
ڪُنواريتو: ص. "ڪنوار" جي طرف جو.
ڪُنوار ٻوٽِي: ٿ. هڪ قسم جو ٻوٽو جنهن کي هٿ لائڻ سان پَن ڪومائجي وڃن.

ڪَنوَرُ: ذ (سن) شهزادو- راجڪُمار. ولي عهد. ڪنول جو گل.
ڪَنوَلُ: ذ. پاڻي ۾ ٿيندڙ هڪ ٻوٽو ۽ اوپڙ- پَٻَڻ- نيلوفر.
ڪَنَهو: ٿ. هڪ لوهارڪو اوزار. ڏاٽي تي ڏندن ڪڍڻ جي ٽِڪوڙي.
ڪَنَهَڙ، ڪَنهاڙُ: ذ. ميجي پلي جو سِسي وارو حصو.
ڪنهن قضائي: ظ. اتفاق سان- اوچتو. ڪنهن بهاني سان.
ڪَنهُو: ذ. ٻُوٽ جا ڏاڳا- ڪَشا.
ڪَنهيہ، ڪَهِي: ٿ. ڪشو- سڳو- ڏور. ٻوٽ جو ڏاڳو.
ڪَنهيو، ڪَنَيو: ص (سن) ڪرشن مهراج جو لقب. سهڻو- حسين.
ڪَني: ٿ. ڪنارو. لغڙ جي هڪ پاسي وزن برابر ڪرڻ لاءِ ٻڌل اڳڙي.
ڪَني ڪترائڻ: پاسو ڪرڻ. ملڻ کان ٽٽائڻ.
ڪُني: ٿ. ٺِڪر جي ننڍي ديڳڙي. ٻاس ٻاسيل خيرات.
ڪُني ڪرڻ: مراد پوري ٿيڻ تي ديڳ رڌڻ. خيرات ڪرڻ.
ڪَنيا: ٿ (سن) ڏهن سالن کان ننڍي ڇوڪري. ڪنواري. ڌيءَ.
ڪُنيَتِ: ٿ (ع) پيءُ، ماءُ يا پُٽ ڏانهن منسوب نالو (مثلاً ابوسعيد، أم جميل، ابن عمر)
ڪَنيَرُ: ذ. جواهرين جي موتين پرکڻ جو شيشو. عينڪ. خوردبين.
ڪُنيرو: ذ. ٺِڪر جو نهرو گولو جنهن سان ڪنيار دلا مٽ ٺپي لسا ڪن.
ڪَنِيزَ: ٿ (ف) ٻانهي. نوڪرياڻي. گولي.

ڪَنيزَڪ: ث. ننڍڙي ٻانهي- گولي.
ڪَڻُ: ث. ذرو. تمام ٿورو ٽڪر. اناج جو داڻو. اناج،
ٻاڙهون جو سُڪل ٻج. پُست يا ٽوٽي وغيره جو ٻج.
ڪَڻاهُ: ذ. وڏي ٽَٽي- ڪَڙاهه. ڪَڻِجي.
ڪِڻاهي: ث. ننڍي ٽَٽِي- ڪَڻِجي.
ڪَڻِتو: ذ. پيتل اٽڻُ يا ٽوڙَ ۾ جنس مان ڪَٽوَتي.
ڪَڻڇَ: ث. ڪُنڊَ- گوشو. ڪُڙڇ.
ڪَڻِجي: ث. ٽَٽِي (جنهن کي جهلڻ لاءِ لوهي ڳن
هجي). ڇانئيءَ وارو ڪنگير. پکيءَ جو هڪ قسم
(ڪال ڪڻجي).
ڪَڻِسَ: ث. لِڱن ۾ بخار جي ڪوساڻ. ٿورو هلڪو تپ.
ڪَڻِس: ص. ڪيس. وٽس. لاڪس.
ڪَڻِسجَڻُ: م. هلڪو بخار ٿيڻ. تپجڻ.
ڪَڻِڪَ: ث. هڪ مشهور اناج- ڳيهون.
ڪَڻِڪَ رَنگو: ص. پيلاڻ مائل رنگ (جسم جو)- ڳوُرو.
ڪُڻڪَ: ث. پٽڪار- پٽڪو. پرڙلاءَ. ڪُڙڪَ.
ڪِنجهڪار- ڇينڪَهَه.
ڪُڻڪارَ: ث. پکيءَ جي لات.
ڪُڻڪَڻُ: م. ڪِنجهڻ. ڪُرڪڻ. لات ڪرڻ (پکي).
تپ تاءَ ۾ جهيڻي آواز سان ڇنگهڻ. سُور يا ڏک کان
جهيڻي آواز سان روئڻ.
ڪُڻڪو: ذ. ڪنجهڪار. پٽڪار.
ڪَڻُو ڪَڻُو: ص. ڇڙوڇڙ. جدا جدا- ڌار ڌار.
ٽڙيل پکڙيل.
ڪُڻُو: ڍارو- ڇَڪو- ڦُرهه. پکو.
ڪُڻُو وجهڻ: پکو وجهڻ. گهڻين ڇنڪين تي نالا لکي
هڪڙي ڇنڪي ڪڍڻ.
ڪَڻِهارُ: ذ. هيرن جو هار.
ڪَڻِهي: ث. ڪَڻِجي- ٽَٽِي.

ڪَڻِي: ث. ذرو- ٿورڙو ٽڪرو. هيري جو ذرو. اناج
جو داڻو. مِينهَن جي ڦُڙي. ٻُونڊَ.
ڪَڻِيلِي: ث. چوپائي مال جي سيالپ لاءِ ڪَڻَ ۾
وڌل ڇيرُ يا ڪڪرُ.
ڪَڻِيُون: ذ. برسات جون بوندون- ڦُڙيون.
ڪو: ض. ڪير. ڪجهه. ٿورو.
ڪوبہ: ظ. هڪ بہ (ماڻهو. ساهوارو وغيره).
ڪو ڌمُ: ذ. ٿوري دير- گهڙي ڪن.
ڪُو: ث (ف) ڳلِي- گهٽي. واٽ.
ڪُوبہ ڪُو: ظ. دربَدر.
ڪُواٽَ: ڏکي واٽ- اَوَلو رستو. اوجَهڙ. گمراهي.
(ص) ڏکيو- اوجهڙ وارو. گمراه- بيراهه.
ڪُواٽو: ص. ڏکيءَ واٽ وارو. گمراهه.
ڪُوارٽر: ذ (انگ) رهڻ جي جاءِ.
ڪُوارَڻُ: م. هَجوَ ڪرڻ- گِلا ڪرڻ. بدنامي ڪرڻ.
ڪَوارُ: ذ (ع. قواعد) بدڪلامي- واهيات
ڳالهائڻ. بڪواس.
ڪَوارُو: ذ. رازڪي ڪم ۾ مٽي اوساري لاءِ ٻڌل
تختو (جنهن تي رازو بيهي ڪم ڪري).
ڪَواڪِبُ: ذ (ع) ”ڪوڪب“ جو جمع. تارا.
ڪُواهُ: ذ. خراب هوا. زماني جي گردش. ظلم- نانصافي.
ڪُوائِي: ث. زبان مان نڪتل خراب يا بدسوٽي وارو
گفتو. پٽ پاراتو.
ڪَوائِف: ذ (ع) ”ڪيفيت“ جو جمع. حالات.
ڪوپَ: ث. ڏر. غار. اندر تي ڪاڏل زمين. واهه يا درياهه
جي ڪپ واري اندران ٿي اندر ڪاڏ واري زمين.
ڪَوِتِ: ث. (سن. ڪوتا) ساراهه يا سوڀ جو نظم.
ڪَوِتا- ڪَبت. ڊکهي ڳالهه.
ڪَوِتا: ث (سن) شاعري.

ڪوتاه: ص (ف) ننڍو. گهٽ. ٿورو ننڍو- لاٿيرو. مختصر.
ڪوتاه فهم: ص. گهٽ سمجهندڙ- بي عقل.
ڪوتاهي: ث. ڪمي- گهٽتائي. ٿورائي. قصور- ڏوهه. ڪوٽ.
ڪوتاهي ڪرڻ: گهٽتائي ڪرڻ. دير ڪرڻ. نقص وجهڻ. لاپرواهي ڪرڻ (جنهن مان نقصان ٿئي).
ڪوتڪ: ث. هڪ قسم جو ٻوٽو.
ڪوتل. ڪوُنتل: ذ (ترڪي) اميرن جي سواريءَ جو گهوڙو. سُواريءَ لاءِ خالي پلاڻيل گهوڙو (جنهن جنهن مهل دل چئي سوار ٿجي).
ڪوتمير: ذ. ساوا ڌاڻا (پَنن سوڌا).
ڪوتهہ: ص (ف) ننڍو گهٽ. مختصر. سوڙهو- تنگ. بندرو (قد ۾).
ڪوتهہ انديش: ص. بي سمجهه. ڳُرُ ڳوٺ نہ ڪندڙ.
ڪوتهہ بيني: ث. بي سمجهي- ناداني.
ڪوتهہ نظر: ص. بي سمجهه.
ڪوترو: ذ. ڳوترو. ٻُجڪو.
ڪوتري: ث. ڳوتري. ٻجڪي.
ڪوٽ: ذ (سن) قلعو- ڳڙهہ. ڳوٺ يا حويلي کي ڏنل وڏي ديوار. عالم پناهہ. (انگ) هڪ قسم جو لباس (جيڪو قميص جي مٿان پائجي).
ڪوٽ ڪيرائڻ: وڏي مصيبت کي منهن ڏيڻ. ڏکئي ڪم ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ.
ڪوٽار: ذ. روينيو کاتي جو هڪ ملازم. ٽپيدار جو ملازم.
ڪوٽڙو: ذ. ننڍو ڪوٽ- گڍ.
ڪوٽڙي: ث. ننڍڙو ڪوٽ- ڳڙهي.
ڪوتوال: ذ (ف. ڪوتوال) ڪوٽ جو انتظام سنڀاليندڙ هڪ عهديدار.
ڪوتوالي: ث. شهر جو وڏو ٿاڻو.

ڪوٺاري: ث. سون چاندي ڳارڻ لاءِ مٽيءَ جي پيالي.
ڪوٺڙي: ث. گهر جو ننڍو صفو- ڪمرو.
ڪوٺ: ث. "ڪوٺڻ" جو عمل- سڏ. دعوت- ڪانڊ. شادي وغيره جو سڏ- نيند.
ڪوٺ ڪرڻ: سڏ ڏيڻ. ڪاج وغيره جي نيند ڏيڻ.
ڪوٺائڻ: م. سڏائڻ- گهرائڻ. دعوت ڏيڻ. سڏ ڏيڻ.
ڪوٺڻ. ڪوٺڻ: م. سڏڻ- سڏ ڪرڻ.
ڪوٺو: ذ. ڪشادو صفو يا ڪمرو. ماڙيءَ وارو طبقو. ڪڏ.
ڪوٺي: ث. بنگلو. وڏو دڪان. گهر جو ڪمرو.
ڪوثر: ذ (ع) بهشت جي هڪ نهر. بهشت جو هڪ حوض.
ڪوپ: ذ (سن) ڪاوڙ- ڏمر. ڦهر.
ڪوپ ڪڍي ويهڻ: مجبور ڪرڻ. ڪروڌ ڪري ويهڻ.
ڪوپر: ذ. ڌاتوءَ جو هڪ قسم- جست.
ڪوپرو: ذ. ڪوپرو- ناريل. ناريل جو تيل.
ڪوپري: ث. ڪوپري- ڪيپرائي.
ڪوپن: ذ (انگ) ننڍي رسيد جو حصو. انعامي ٽڪيٽ.
ڪوُپو: ص. سورهہ- بهادر- سُورمو- جوڌو.
ڪوجهائي: ث. بي زيبائي. گدلائي. بدصورتي.
ڪوجهو: ص. بي زيبو- اڀالو. گدلو.
ڪوچ: ذ (انگ) هڪ قسم جو ولايتي پلنگ. گاديلي ۽ اسپرنگن واري وڏي ڪرسي (جنهن تي ٻہ ٽي ماڻهو ويهي سگهن). پوش واري چئن ڦيٿن واري گهوڙي گاڏي.
ڪوچوان: ص. گهوڙي گاڏي هلائيندڙ.
ڪوُچ: ذ (ف) هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ روانگي. لاڏائو. سفر. وفات.

ڪُوچ ڪرڻ: روانو ٿيڻ. سفر ڪرڻ. وفات ڪرڻ.
ڪُوچڙا: ذ. هندو خانہ بدوشن جي هڪ قوم.
ڪُوچڪ: ص (ف) ننڍو. صغير.
ڪُوچہ: ذ (ف) گِلي- گهٽي.
ڪوچو: ذ. ولن جو جهڳٽو. چراگاهہ- وڍ. جابلو وادي جنهن ۾ مال جي چاري لاءِ گاهہ هجي.
ڪُوڊ: ٿ. موڳائي- بي عقلي. ڪند ذهني.
ڪوڏ: ذ. هڪ قسم جو ساموندي جيت.
ڪوڏ: ذ چاهہ- سِڪَ- پيار. اُڪير. شوق. اُڪنڊ. چاهت. حرص. سَڌَ. هيجُ- خوشي.
ڪوڏارَ: ٿ. زمين کوٽڻ جو هڪ اوزار- ڪوڏر.
ڪوڏاريو: ص. ڪوڏر سان کاٽي کڻندڙ.
ڪوڏرَ: ٿ. ڪوڏار.
ڪوڏر هڻڻ: پورهيو ڪرڻ. جفاڪشي ڪرڻ- سخت محنت ڪرڻ.
ڪوڏو: ذ. وڏو ڪوڏ.
ڪوڏي: ٿ. هڪ قسم جي ساموندي جيت جو کوپو (جيڪو اڳئين وقت ۾ سِڪي طور ڪم ايندو هو).
ڪوڏي ڪوڏي: ٿ. هڪ قسم جي راند (جنهن ۾ ٻہ ٽوليون آمهون سامهون ٿين ۽ زمين تي ليڪو ڪري حد ورهائين. هڪ ٽولي جو ٻيڇي "ڪوڏي ڪوڏي" چوندو هڪ ئي ساهہ ۾ ٻيءَ ڌر جي حد ۾ ويندو ۽ ساهہ ختم ٿيڻ کان اڳ ڪنهن نہ ڪنهن کي هٿ لائي ڪاپائڻ جي ڪوشش ڪندو).
ڪوڏيو: ص. ڪوڏ وارو- شائق- مشتاق- چاهت وارو.
ڪوڊ: ذ (انگ) قانون جو ڪتاب.
ڪوڊيرُ: ذ. هڪ قسم جي ٻوٽي جي پاڙ ۾ ٿيندڙ ڦر (جيڪو ڏٿ طور ڪم اچي).
ڪورَ: ٿ. ڪنار- انڊي- وٽ (ڪپڙي جي). ڪپڙي جي ڪتريل پٽي- ريڙ. ڦارَ- قاش. انب جو اندريون ڪوٺلو. ڇِلَ.
ڪَوَرُ: ذ (انگ) پوشُ (وهاڻي، پٿرائي، ميز وغيره کي ڍڪڻ جو ڪپڙو)- غلاف.
ڪُورَ: ٿ. پاڻيءَ جي ڪَسِي. ڪَڙيو. واهہ.
ڪُورُ: ص (ف) انڌو- نابين.
ڪُور باطن: ص. اندر جو انڌو. بي سمجهہ.
ڪورُ چَشم: ص. اکين کان انڌو.
ڪوراڙَ: ٿ. هڪ زهريلي ٻَلا جو قسم.
ڪوراهَلُ، ڪولاهلُ: ذ. دانهوڙ- رڙو رَڙ. هاءِ گهوڙا. واويلا- ماتم.
ڪورائڻُ: م. وڍائڻ. ڦاروڻ ڪرائڻ. ڇلائڻ (ڪاٺ وغيره).
ڪورائي: ذ. هڪ بلوچ قبيلو.
ڪورٽ، ڪورَٽ: ٿ (انگ) عدالت- ڪچهري.
ڪورٽ مارشَل: ٿ. فوجي عدالت.
ڪورَڙي: ٿ. ٻج پوکڻ جو هڪ نمونو (جنهن ۾ ٻج زمين ۾ ڇٽي ڇڏجي).
ڪورسُ: ذ (انگ) نصاب تعليم.
ڪُورِ ڪُورِ: ٿ. ڪُتي کي سڏڻ جو آواز- ڇُچڪارَ.
ڪورنش: ٿ (ف) جهڪي سلام ڪرڻ. بادشاهي سلام.
ڪورَڻُ، ڪورڻُ: م. کرڙڻ. وڍڻ. ڇلڻ.
ڪورو: ص. نئون (استعمال نہ ٿيل). نئون نڪور (نڪورَ جو ٿانءُ). جٽ- جاهل. ٺلهو- خالي. (ٿ. ڪوري).
ڪورو رهجي وڃڻ: محروم رهجي وڃڻ. ٺلهو رهجي وڃڻ.
ڪوري: ص. ڪپڙو اُڻندڙ. (ٿ) ڳِيي- ٻيرو (مڇي پلي جو).
ڪوريڙو: ذ. جيت جو هڪ قسم (جيڪو ولن

جاين ۾ چارُ ٺاهي).
ڪوڙ: ظ. ڪروڙين- ڳڻيءَ کان ٻاهر.
ڪُوڙُ: ذ. دروغ. دغا. بهانو. مَٽُ (سون چاندي ۾)- کوٽُ. بي بنياد ڳالهه. بهتان- الزام تراشي.
ڪُوڙ سچ ڪرڻ: جيئن تيئن وقت گذارڻ. گذر سفر ڪرڻ.
ڪُوڙ ڪَٽڻ: اجايون ڳالهيون ڪرڻ. اجايو وقت وڃائڻ.
ڪُوڙ هڻڻ: غلط الزام هڻڻ. ٻُٽاڪون هڻڻ.
ڪوڙائڻُ: م. وار لهرائڻ.
ڪُوڙڻُ، ڪُوڙِڻُ: م. وار لاهڻ. حجامت ٺاهڻ.
ڪوڙڪو: ذ. پکين ڦاسائڻ لاءِ ٻه سانگي ڪاٺي ۽ ڏوريءَ جو مانداڻ.
ڪوڙو: ذ. ڇاتي- سِينو- اُرَهه.
ڪوڙي ۾ وڃڻ: ياڪر ۾ وڃڻ. ياڪر پائڻ.
ڪُوڙو: ص. ڪوڙ ڳالهائيندڙ- دروغ گو. ڪوٽو. دغاباز. بي ايمان. نقلي. (ث. ڪُوڙي).
ڪوڙِهه: ث. چمڙيءَ جي هڪ بيماري (جنهن ۾ جسم تي داغ ٿيندا)- جذام.
ڪوڙِهي، ڪوڙِهيو: ص. ڪوڙهه ۾ ورتل مريض.
ڪوڙِي: ث. وِيهن جو عدد- وِيهَه. ويهه شيون. اُرهه- سِينو.
ڪوڙين: ظ. ڪروڙين- بي انداز. ڳڻيءَ کان ٻاهر.
ڪُوز: ذ (ف) ڪُٻو- ڏنگو.
ڪُوز پشت: ص. ڪُٻڙو- ڱڪو.
ڪُوزو: ص (ف) ڪوُنرو.
ڪُوزِهه: ذ (ف) ڪوُنرو (ٺِڪرَ جو).
ڪُوزه گر: ص. ڪنيار.
ڪوسُ: ذ. قتل- گهات. رتوڇاڻ. ڪوهه مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ چم جو ٻوڪو.
ڪوس ڪرائڻ: قتل عام ڪرائڻ. خونريزي ڪرائڻ.

ڪوساڻ، ڪوساڻي: ث. گرمائش- گرمي- سيڪُ.
ڪوسَڙُ: ص. ڪُهڻ جهڙو (چوپايو). اهو جانور جيڪو حلال ڪرڻ لاءِ بيهاريل هجي.
ڪوسو: ص. گرم- تتل. (ذ) تَپ- بخار. (ث. ڪوسي).
ڪوسو ڪَمربند: ذ. خط استوا جي پٽي وارو ڪمربند.
ڪوشُ: ذ (سن) ٿانءُ. پاڻيءَ جو ٿانءُ. کوهه مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ چم جو ٻوڪو. ڍڪ. غلاف- پوش. لغت- فرهنگ.
ڪوشان: ص (ف) ڪوشش ڪندڙ.
ڪوشِش، ڪوشَشَ: ث (ف) سعيو- اُدم. ڊوڙڊڪ. جدوجهد. محنت- پورهيو. جاکوڙ.
ڪوشش ڪرڻ: سعيو ڪرڻ- محنت ڪرڻ. اُپاءُ وٺڻ. حيلا هلائڻ.
ڪوفت: ث (ف) سَٽَ ڪُٽَ. مار. تڪليف. رنج- ملال. بيزاري. ڪراهت- حقارت.
ڪوفتو: ذ (ف) رَس ۾ رڌل قيمي جو گول ڪباب.
ڪُوفو: ذ. عراق جو هڪ شهر (جنهن جو بنياد حضرت عمر رضہ رکيو هو). جماعت- گروه. مَتو- طريقو. فرقو.
ڪُوفِي: ص. "ڪوفي" شهر جو. بغاوتي.
ڪوڪَ: ث. ڪچو بخيو.
ڪوڪُ: ص. ٿانون تي سيڪيل (ماني، مڇي، گوشت وغيره). گهٽو پڪل- سوخته.
ڪُوڪَ: ث. آواز. سڏ. سِيٽي. ڪوئل جو آواز. ريل گاڏي جو آواز. چيخ- ڪِيڪَ. دانهن- رڙ.
ڪوڪون ڪرڻ: دانهون ڪرڻ. رڙيون ڪرڻ.
ڪُوڪارَ: ث. سڏ. دانهن- رڙ. ڪِيڪَ. پُڪارَ.
ڪوڪارڻ: م. رڙيون ڪرڻ- واڪا ڪرڻ. هڪلون

ڪرڻ. سڏ ڪرڻ. پڪارڻ.

ڪَوڪَب؛ ذ (ف) تارو- اختر- ستارو.

ڪُوڪَٽُ؛ ذ. رڙ. رڙ، رانيات.

ڪوڪٽ پرڻ؛ فساد ڪڙو ٿيڻ. ظلم ٿيڻ.

ڪُوڪَرَ؛ ث. ڪُوڪَ. رڙ- چيخ. زور سان سڏ.

ڪُوڪرو. ڪُوڪريو؛ ذ. دانهن ڪوڪ. هوڪو. فرياد. سڏ. هاءِ گهوڙا. ہائيتال. هل هنبس.

ڪوڪَڙِ؛ ث. سُڪل پيرون.

ڪُوڪِڙاٽُ؛ ذ. ڪُتي جي دانهن- ڪِڪڙاٽ.

ڪوڪِڙِي؛ ص. ڪُڪَڙَ ڏاريندڙ. ڪڪڙ ويڙهائيندڙ- خَفتي.

ڪوڪلا؛ ذ. سُڪل ٻيرَ.

ڪوڪِلو؛ ذ. انب جو ٻج وارو ڪوڪلو- ڪوئرو يا ڪوئلو. (ص) سڙي ڪوئلو ٿيل.

ڪُوڪَمَ؛ ذ. انبڙيءَ جون سُڪل ڪلون.

ڪوڪِنار؛ ذ. پُست جو ٻُوٽو.

ڪوڪَڻُ؛ م. ڪپڙو ڪچيءَ طرح ٽانڪڻ. ڪپڙي کي ڇدا ٽانڪا ڏيڻ.

ڪُوڪَڻُ؛ م. دانهون ڪُوڪون ڪرڻ. زور سان رڙيون ڪرڻ. ڏاڍي سڏ ڪرڻ.

ڪوڪو؛ ذ. ننڍي ۽ گول ڪِلي. ڪن يا نڪ ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه. (حرف) ورلي- ڇدو پادو. ڇڙوڇڙ.

ڪُوڪُو؛ ث. پکيءَ (ڪوئل) جو آواز. ريل گاڏيءَ جي سيٽي جو آواز.

ڪوڪِي؛ ث. ننڍي ٿُلهي ماني. ٽاندن تي سيڪيل يا پچايل ننڍي ماني.

ڪوڪِيَ؛ ث (انگ) هڪ قسم جو نشيدار وکر.

ڪولِ؛ ظ (سرائڪي) ويجهو- پرسان.

ڪِولَ؛ ث. ماڪوڙي- ڪِيولِي.

ڪولاپُ؛ ذ. تلاءُ- ڪُنب. ڍنڍ.

ڪولابو؛ ذ. ٽامي، لوهه يا شيشي جو ڪنگڻ (عام طرح فقير پائين).

ڪولاچي؛ ذ. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

ڪُولِڙو؛ ص. تمام نرم- پَٽڙو.

ڪولُو؛ ذ. ڪمند پيڙڻ جو چيچڙو.

ڪُولو؛ ذ. چيني يا شيشي جو مرتبان (مربي يا آچار وجهڻ لاءِ).

ڪولِهي؛ ذ. پاڪ- هند جي هڪ آڳاٽي قوم.

ڪُولِي؛ ذ. مزور.

ڪومائِجَڻُ؛ م. گلن ٻُوٽن جو پالي سُڪڻ. ڦوسائجڻ. نجهرڻ- هيٺو ٿيڻ. مُنهن جو پالي سُڪڻ. بي رونق ٿيڻ.

ڪُومَلُ؛ ص (سن) نرم- مُلائم. نازڪ- نفيس. ڪُنئرو- ڦلهڙو.

ڪُومَلتا؛ ث. نرمي. نفاست. نزاڪت.

ڪَونُ؛ ذ (ع) ٿيڻ. وجود ۾ اچڻ. دنيا- جهان- سنسار- ڪائنات.

ڪُونارُ؛ ذ. نِڪر جو وڏو ٿانءُ. نِڪر جي وڏي ويڪري ڪُوندي (جنهن ۾ چوپائي مال کي ڏارو ڏجي، رنگريز ڪپڙن رڱڻ ۾ ڪم آڻي)- ڪُونَر.

ڪوناري؛ ث. نڪر جي ننڍي پاٽ يا ڪوندي.

ڪونيٽ؛ ذ. تر ۾ ٿيندڙ هڪ قسم جو وڻ.

ڪَونتَلُ؛ ذ. بنا سُوار جي وهٽ (گهوڙو، جنهن کي واڳ کان وٺي هلجي)- ڪَوتلُ.

ڪُونجَ؛ ث. هڪ قسم جو مشهور آبي پکي (جيڪو سياري جي شروع ۾ سائبيريا کان سفر ڪري سنڌ جي ڍنڍن ۾ اچي، ٻچا ڪري، ۽ وري سياري ختم ٿيڻ تي ٻچا وٺي اُٿامي وڃي). (ص) سهڻي ڳچيءَ واري- حَسِين.

ڪَونچو؛ ذ. درياءَ جي ڪپر واري سيلابي زمين- ڪَچو.

ڪُونڌُ، ذ. بهادر- پلوان- سورهيه. لوٽ- مڙهه.

ڪُونڌَرُ، ص. سورهيه. ساماڻل جوان. سُهڻو جوان.

ڪُونڊا، ذ. حضرت امام جعفر جي ولادت تي کيرنٽي وغيره جو نياز. امير معاويه جي وفات جو ڏينهن.

ڪُونڊو، ذ. ٿاڌل وغيره گهوٽڻ لاءِ ٺڪر جو خاص وڏو پيالو.

ڪُونڊي، ث. گلن پوٽن رکڻ لاءِ ٺڪر جو خاص ٿانءُ. ٺڪر جي ڪوناري. وڏي پاٽ.

ڪُونَرُ، ذ. چوپائي مال کي چاري ڏيڻ لاءِ ٺڪر جي وڏي ويڪري ڪوندي- ڪُونارُ.

ڪُونگِڙو، ص. ڪُبو- ڇيلهه جهڪيل. ڳڪو. (ث. ڪونگڙي).

ڪُونهَٽُ، ذ. مينهن جو نَر ڦَرُ- ڪُونهون. سانُ.

ڪُونهون، ذ. مينهن جو نَرڦَرُ- سانُ.

ڪُونئِرو، ص. نرم- ملائم. پَتِڙو- ريڙو- رقيق. ڦلهڙو. (ث. ڪُونئري).

ڪَونَين، ذ (ع) ٻئي جهان- دنيا ۽ آخرت.

ڪُونِي، ث. پاڻيءَ جو هڪ ٻُوٽو (جنهن جي چوٽيءَ ۾ گل ٿئي ۽ پاڙ ۾ لوڙهه ٿئي)- نيلوفر.

ڪوولَ، ث. هڪ مشهور پکي- ڪوئل.

ڪوه، ض. جو- جا لاءِ.

ڪوهُ، ذ (ف) جبل- پهاڙ. ڏونگر- ڇپر.

ڪوهُ، ذ. ٻه ميل مفاصلو.

ڪوهين ڏور، ظ. تمام پري- دور دراز.

ڪوهسارُ، ذ (ف) جابلو هنڌ- پهاڙي علائقو.

ڪوهستانُ، ذ (ف) جابلو ايراضي- پهاڙي سلسلو. سنڌ جو الهنديون جابلو ڀاڱو.

ڪوهستاني، ص. جابلو- پهاڙي.

ڪوهنُور، ذ (ف) هڪ مشهور هيرو.

ڪوهيارُ، ڪوهيارو، ذ (ف) جبل جو رهاڪو.

ڪوهياري، ث. شاه جي رسالي جو هڪ سُر (جنهن ۾ "سسئي" جو مضمون اچي ٿو). جبل جي طرف جي هڪ راڳڻي (جنهن ۾ عام طرح "سسئي" جا بيت ۽ ڪافيون ڳائجن).

ڪوهيرو، ڪوهيڙو، ذ. وڏي صبح واري ماڪ جو غبار (جيڪو جبل جي ڪارائڻ ۽ ڏند وانگر ڏسجڻ ۾ اچي).

ڪوو، ث. سانگ صرفي سان ٿيل بچت. خرچ ۾ ڪفايت يا سوس. سانگ صرفو- قناعت- ڪفايت.

ڪُوو، ث (ف) ڳلي- گهٽي. جوءِ.

ڪوئلَ، ڪويلَ، ث. ڪاري رنگ جو هڪ مشهور ننڍڙو پکي (جنهن جي ڪُوڪَ مٺي ۽ وڻندڙ ٿئي).

ڪوئلو، ذ. اگر. سڙيل ڪاٺي جو اگر. جبل جي کاڻين مان کوٽي ڪڍيل پٿر وارو اگر. انب جي ٻج وارو ڪوکو- ڪوئرو.

ڪوئلي، ث. انب جي ڪوئلي جو اندريون ڳڀ.

ڪوئڻُ، م. سُسائڻ- گهٽ ڪرڻ. بچت ڪرڻ. سانگ صرفو ڪرڻ- ڪفايت ڪرڻ.

ڪُوئو، ڪُئو، ذ. هڪ قسم جو مشهور جانور- ڇوهو- مُوش.

ڪُوئا ڪِيرِ، ث. ڪوئن جي زمين مان کوٽي ڪڍيل مٽي.

ڪُوئامارِ، ث. ڪوئن ڦاسائڻ جو پڃرو.

ڪَوِي، ث (سن) شاعر.

ڪَويسَر، ص. ڳالهيون ڪندڙ. ڳالهير. سگهڙ. خوش بيان.

ڪَوِيٽ، ذ. هڪ قسم جو وڻ ۽ ان جو ڦرُ (ذائقي ۾ ڪٽو ٿئي).

ڪُويلو، ص. بي مهلو- بي وقتو.

کَهہَ؛ ث. جاکوڙ- پورهيو. ڏاکڙو. جفاڪشي.
کَهہِ؛ ذ (ف) ڪکَ. مکڙن جي ٻاڄَ.
کِهہِ؛ ص (ف) ننڍو. گهٽ. خسيس.
کِهہ وَ مِهہ؛ ص. ننڍو وڏو.
کَهارُ؛ ذ. ڏولي يا ڪجاوو کڻي تي کڻي هلندڙ مزور.
کُهاڙُ؛ ذ. کُهاڙو. وڏو ڪهاڙو.
کُهاڙو؛ ذ. ڪاٺ ٽوڙڻ جو اوزار- ڪاٺين جي ويڙهڪ ڪندڙ هڪ اوزار.
کُهاڙِي؛ ث. ڪاٺين جي ويڙهڪ ڪرڻ جو عام رواجي اوزار.
کَهاڻِي؛ ث. آکاڻي. ڳالهہ. بيان. سرگذشت. قصو- داستان. حال احوال.
کَهاوَتَ؛ ث. آکاڻي. حڪايت.
کُهائِڻُ؛ م. قتل ڪرائڻ- تڪبير وجهائڻ (چوپائي کي)- ذبح ڪرائڻ.
کُهائِي؛ ث. پُورن مهينن کان اڳ ان پورو ٻار ڄمڻ- ڪچو وير.
کُهائي ٿيڻ؛ ٻار ڪِرڻ. پورن مهينن کان اڳ مئل ٻار ڄمڻ.
کَهجَرُ؛ ذ. گند ڪچرو- ٻُهر- ڪچرو- ڪکَ پنَ.
کُهَرَ؛ ذ. رڙل ڇٽا- اوٻاريل ڇٽا.
کُهرامُ؛ ذ. روڄ پٽڪو- واويلا- گهوڙا گهوڙا.
کَهرُبا؛ ذ (ف) هڪ قسم جو پيلو گڻونر (جيڪو اوني ڪپڙي سان گهجي تہ ڪکَ کڻي وجي). هڪ قسم جو وکر.
کُهرِي؛ ث. درياء جي جهول واري جاءِ. ٽوري ايراضي وارو پاڻي.
کُهَڙُ. کُهِڙ؛ ذ. پوک واري زمين مان ڪڍيل جهنگ (ڪنڊيون. ڪانڊيرا. گاهہ وغيره جيڪو ساڙي ڇڏجي).
کُهُڙُ؛ کوهہ يا کوهن کوٽڻ لاءِ کوڙيل ڪاٺي.
کِهِڙو. کَهِڙو؛ ص. ڪير. ڪنهن جهڙو. ڪهڙي نموني. ڇاجو. ڪيترو (ث. کِهڙي).
کِهڙي پوڻ؛ مصيبت پوڻ.
کَهفُ؛ ذ (ع) غار- چُر.
کَهڪشان؛ ث (ف) آسمان ۾ تارن جو اڇو پٽو- کيرٽارا (جيڪو روايتي طرح نوح نَبيءَ جي ٻيڙي جو گهڪو ڇيو وڃي ٿو).
کَهڪاءُ؛ ذ. قياس- ڪهل. ايذاءُ. تڪليف جو احساس.
کَهڪائِڻُ؛ م. ڏک ڏيڻ- آزارڻ. ستائڻ.
کَهکِل؛ ث. گارو- گاري جي لِنبَ. ڇاپوڙو (مِٽيءَ جو).
کَهَلَ؛ ث. قياس- ڪهڪاءُ.
کُهَنُ؛ ص (ف) پراڻو- جهونو- ڪهنو. قديم.
کُهَن سال؛ ص. پوڙهو- پيرسن.
کُهنائِي؛ ث. پراڻائي- قدامت. جُهونائي.
کُهَنگِي؛ ث (ف) پُراڻائي- جهونائي. قدامت. پيري.
کُهنو؛ ص (ف. کُهنہ) پراڻو- جهُونو. قديم- آڳاٽو. ڪُراڙو- پوڙهو. زبون. (ث. کُهني).
کُهنہ مشق؛ ص. جهونو تجربيڪار.
کَهَڻُ؛ م. چوڻ- آکڻ. ٻولڻ. پنڌ ڪرڻ- سفر ڪرڻ. اُسهڻ. پنڌ پوڻ. ڪشالو ڪرڻ. ڳَهَو (ڪر ۾).
کَهڻِي؛ ث. چوڻي. ڪَهاوت. ٻول- قول. چوڻ جو نمونو. ڳالهہ ٻولهہ- گفتگو.
کَهَڻُ؛ م. ذبح ڪرڻ- ڪنڌ وڍڻ- قتل ڪرڻ. خون ڪرڻ. حلال ڪرڻ (جانور). خون ڪرڻ.
کَهُو؛ ذ. هڪ وڻ جو قسم (جنهن جي ڪاٺي سخت ۽ مضبوط ٿئي).
کَهِي؛ ث. ڪشو- ڏور. ٻُوٽ جو ڌاڳو.

ڪهيري؛ ذ. "ڪهير" جيل يا "ڪهيرلڪ" جي رهاڪو بلوچن قبيلو. بلوچن ۾ فقيرالو گهر.

ڪهيو؛ ذ. پيغام- سنهيو- نياپو.

ڪَءُ، ڪَئو؛ ذ. ڊپ- خوف. ڀئو- هراس.

ڪَئش، ڪَيش؛ ث (انگ) نقد رقم- ناڻو.

ڪِئلي؛ ث. ماڪوڙي- ڪيولي.

ڪَئمپ؛ ث (انگ) فوجي ڇانوڻي- ٻاہو- منزل. عملدار جي گشت دوران عارضي رهائش.

ڪَئنچي؛ ث ڪَترڻي- ڪَتر. (ڪپڙي وغيره وڍڻ جو اوزار).

ڪَوڙاڻ؛ ث. ڪاراڻ. تلخي.

ڪوڙو؛ ص. ڪڙو. ڪارو. سخت- ڏکيو. (ث. ڪَوڙي).

ڪَڻُونرو؛ ذ. ڪَرو- بدنو. لڪر جو ڪَرو.

ڪَئين؛ ظ. ڪيترائي- گهڻئي.

ڪَئميرا؛ ث (انگ) عڪسي تصويرون ڪڍڻ جو اوزار.

ڪي؛ ص. ڪجهه- ڳچ جيترا.

ڪي؛ ض. ٿورو ذرو- ڪي قدر.

ڪياڙُ؛ ذ. ڳچيءَ جي پُٺ- ڪياڙي.

ڪياڙي؛ ث. ڳچيءَ جو پٺيون حصو- ڪَنڌ. نار يا هرلي جي مڪڙيءَ ۾ پويان لڳل ڇپر.

ڪياڙي ڪنهڻ؛ واتڙو ٿيڻ. مُنجهي پوڻ. انڪار ڪرڻ.

ڪيبَر؛ ث. خنجر. تبر- ڪهاڙو.

ڪيهائڻُ؛ م. نتائڻ- جهجهڪڻ. دل مَن هٺڻ. ڊپ ڪرڻ.

ڪيَتُ؛ ذ. ڪاٿو- اندازو. طريقو- قاعدو. بندش.

ڪيترو؛ ظ. ڪيتري قدر (تعداد ۽ ماڻ ۾)- گهڻو!

ڪيتَڪي؛ ث "ڪيوڙي" جي قسم جو هڪ گل.

ڪيتو؛ ذ. ڪيل ڪم. ٻيڙي ڪم جو نتيجو. عيوض- بدلو.

ڪيتو لوڙڻ؛ ڪيل ڪمن جو نتيجو پوڳڻ.

ڪَيتُوڻ، ڪَنتُوڻ؛ ذ. ڪاري رنگ جي پَٽي يا پانڪ. پَٽ يا زريءَ جي ڪناري.

ڪيٽي؛ ث. درياء جي ڇوڙ وٽ ريٽ واري زمين (ٻيلٽا). درياء جي وچ ۾ ريٽجي ويل وٽڪار واري ٻيلائي. (سنڌ ۾ دريائي ڪيٽي جاگيرون گهڻيون آهن).

ڪيٽي بندرُ؛ ذ. ضلعي ٺٽي ۾ درياء جي ڇوڙ وٽ هڪ سامونڊي بندر.

ڪيپرائي؛ ث. مٽي جي هڏن وارو ڪوپو- ڪوپري.

ڪيچُ؛ ذ. بلوچستان جو هڪ شهر (جيڪو سسئي- پنهون جي قصي ڪان مشهور آهي). (ظ) تمام گهڻو- بي شمار- بي انداز.

ڪيچ ٿيڻ؛ تمام گهڻي انداز ۾ آبادي ٿيڻ. گهڻو ٿيڻ.

ڪيچي؛ ص. ڪيچ جو رهاڪو.

ڪيچُوڙو؛ ذ. هڪ قسم جو ڏگهو ڪينئون (جيڪو وڻن جي پاڙن ۾ پيدا ٿئي)- سانپو.

ڪيڏارو؛ ذ. جنگ- لڙائي- ويڙهه- قتل عام. شاه جي رسالي ۾ هڪ سُر جو نالو.

ڪيڏانهن؛ ظ. ڪنهن طرف- ڪهڙي پاسي. ڪهڙي هنڌ- ڪٿي.

ڪيڏو؛ ظ. ڪنهن جيڏو- ڪيترو وڏو.

ڪيرُ؛ ض. ڪهڙو (ماڻهو).

ڪير ڄاڻي؛ جملو. ڪنهن کي خبر ناهي. خدا کي خبر آهي.

ڪِيرُ؛ ذ. لوهه جي وڏي ڪِلي- ڪِلُ- ڪِلو. ٻٽجي. جنڊ جي هيٺئين پڙ ۾ پيل لوهي ميخ (جنهن ۾ مَڪڙي پوي).

ڪيرائڻُ؛ م. ڀاهڻ. ڦِٽو ڪرڻ. اُيلائڻ. سٽڻ. لاهڻ. گهٽائڻ (اگهه). دسڻ (ملهه يا مقابلي ۾).

ڪيرَتَ؛ ث (سن) نيڪي- چڱائي. گڻن جو بيان.

ڳالهه. بيان. ساراهه. بندگي. التجا.

ڪيرٽ ڪرڻ؛ ساراهه ڪرڻ- واکاڻ ڪرڻ.

ڪيرٽيتو؛ ص. ساراهه ڪندڙ- واکاڻيندڙ (ڀڳتي يا راڳ ۾).

ڪيرڻ، ڪيرڻُ؛ م. ڪيرائڻ- ڊاهڻ. اُجلڻ- ٽٽو ڪرڻ. دسڻ (ملهه ۾).

ڪيرو؛ ذ. راٿو (اَن ۾)- ڪڪرو. ٻوڪ جي سنگن مان ڇليل اَنُ. ٻُور جو ڇاڻو. باغ ۾ ميوي جو ڇاڻو.

ڪيرو ڪرڻ؛ وڻ يا فصل مان ٻُور ڇڻي وڃڻ- ڇاڻو ٿيڻ.

ڪيرو؛ ذ. ڪاٺ يا لوهه جو ڪِلو. مُنِي.

ڪيري؛ ث. اُجهائل باهه جي رک. ڇار- ڦُلهير. گهوڙي جي اک يا مالڪي جو اڇو ٽِڪو.

ڪِيري؛ ث. لوهه جي ننڍي ڪِلي- ميخ.

ڪيريا؛ ذ. هڪ ذات جو نالو.

ڪيڙ؛ ث. نسل- آکهه. سکيا- ترتيب.

ڪيڙُ؛ ذ. ڪٽنب- آکهه. قبيلو- گهرائو. نسل.

ڪيڙِ؛ ث. ڪِئلي- ماڪوڙي. تمام ننڍرو جيت.

ڪيڙڻُ؛ م. ترتيب ڏيڻ- سکيا ڏيڻ. هيرائڻ. قاعدي ۾ آڻڻ.

ڪيڙيلُ؛ ص. هيرايل. سيکاريل. سُڌاريل.

ڪيڙو؛ ذ. سُرندڙ جيت- ڪينئون.

ڪيڙو لڳڻ؛ ڪينئون لڳڻ. سُرو لڳڻ. جيت لڳڻ (ڪپڙي وغيره کي).

ڪيڙي؛ ث. ماڪوڙي- ڪِئلي.

ڪيسَ؛ ذ (سن) وارَ. ڊگها وار.

ڪيسُ؛ ذ. وار ڪارا ڪرڻ جو رنگ- خضابُ.

ڪيسُ ڪرڻ؛ وارن کي خضاب ڪرڻ.

ڪيس؛ ذ (انگ) مقدمو. ننڍڙي پيتڙي.

ڪيسُ ڪرڻ؛ ڪورٽ ۾ مقدمو چاڙهڻ. دعوي داخل ڪرڻ.

ڪِيس؛ ذ. ساهواري کي مارڻ. قهر- ظلم.

ڪِيسُ ڪرڻ؛ ظلم ڪرڻ- پاپ ڪرڻ.

ڪيستائين؛ ظ. ڪهڙي وقت تائين. ڪهڙي حد تائين. ڪيتري قدر. ڪيترو پري.

ڪيسَر؛ ث (سن) زعفران. هڪ قسم جو ٻوٽو ۽ ان جي گلن جو ٻُنگ (جيڪو خوشبودار ٿئي).

ڪيسريو؛ ذ. زعفراني رنگ تي شاديءَ جو وڳو.

ڪيسُوڦُلُ؛ ذ. هڪ قسم جو پسارڪو وکر ("ڪيسُو" وڻ جا گُل).

ڪيش؛ ذ (ف) دين- مذهب. عادت- خُوءِ. طريقو. وصف. مرڪب لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظ (جئن بدڪيش وغيره).

ڪَيفُ؛ ذ (ع) نشو- ڪيفُ- خمار. مزو.

ڪَيفِيَت؛ ث (ع) حالت- حقيقت- ماجرا. وضاحت- سمجهاڻي. گُڻ- خاصيت. مزاج. مزو- نشو. اثر.

ڪيڪُ؛ ذ (انگ) اٽي، کنڊ ۽ بيضن وغيره مان ٺهيل ڊبل روٽي جهڙو بسڪيٽ.

ڪيڪَ؛ ث. سنهي آواز واري رڙ- چيخ- رڙ- ڪُوڪَ. ريل گاڏيءَ جي سيٽي.

ڪيڪُون ڪرڻ؛ رڙيون ڪرڻ- دانهون ڪرڻ. زور سان ڳالهائڻ.

ڪيڪاٽ؛ ذ. زور سان رڙيون- چيخون. دانهون ڪوڪون.

ڪيڪاڻُ؛ ذ. گهوڙو. تيز رفتار گهوڙو (آڳاٽي

وقت ۾ مڪران طرف "ڪيڪان" علائقي جا گهوڙا اعليٰ نسل جا ۽ تيز رفتار هوندا هئا).

ڪِيڪَڻُ، م. ڪيڪون ڪرڻ- رڙيون ڪرڻ. واڪا ڪرڻ.

ڪِيڪڙاٽ، ذ. ڪِيڪاٽ.

ڪِيلُ، ذ. ڪِيرُ- ڪِلو.

ڪيلو، ذ. هڪ مشهور ٻوٽو ۽ ان جو ڦرُ.

ڪيلينڊرُ، ذ (انگ) فهرست. جنتري.

ڪِيمَ، ظ. نہ- متان.

ڪِيمخابُ، ذ (ف) ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم- بخمل. سون يا چانديءَ جي تارن سان پرت پيل ڪپڙو- زربفت.

ڪِيميا، ث (يوناني) سونُ ٺاهڻ جو هنر. شين جي جُزن معلوم ڪرڻ جو علم. جڙين ٻوٽين ذريعي سون چاندي ٺاهڻ جو هنر. (ص) فائديمند- اڪسير.

ڪِيِي، ظ. نہ- ڪجهہ نہ- بلڪل نہ. نيستي. ڪِنو. ذليل.

ڪِينَڪي، ڪِينَڪِيِي، ظ. ڪي ڪِيِيَ- ڪجهہ بہ نہ.

ڪِينجهرَ، ڪِينجهُرِ، ث. ٺٽي ضلعي ۾ مشهور تاريخي ڍنڍ (جنهن سان نوري- ڄام تماچي جو قصو مشهور آهي). ڪوڙ- ڍِڳَ- ريل ڇيل- عام ڄام. (ص) تمام گهڻو- بي انداز.

ڪَينچي، ث (ترڪي) ڪپڙي وغيره ڪترڻ جو اوزار- ڪَتَر.

ڪِينَرو، ذ. هڪ قسم جو ساز (سارنگي يا سُرندي جهڙو).

ڪِينرو ڪڍڻ، ڪرڻ، رينگٽ مچائڻ- گهيپي ڪرڻ. ڪجهہ نہ ڪجهہ وڌيڪ وٺڻ لاءِ گهيپي مچائڻ. ڪروڌ ڪرڻ.

ڪِينو، ذ. هڪ قسم جو ڏانڊي پکي.

ڪِينو، ذ (ف) بغض- حسد. ٻيائي- خصوصيت. ويرُ- ضد.

ڪِينٺوهُ، ذ. سُرندڙ جيت (گدڙ وغيره)- ڪيڙو.

ڪِينٺارو، ص. ڪِينٺن وارو. ڪِينٺن کاڌل. سُڙيل.

ڪِينٺوهُ لڳڻ، جيت لڳڻ- سُرو لڳڻ.

ڪِيِڻَ، ث. ڪُوهہ وغيره مان مٽي ڪڍڻ لاءِ ڪوڏر يا جهولي. ڪوڏر. کوهہ مان ڪريل شيءِ ڪڍڻ لاءِ لوهي چنبو- ٻِلي.

ڪَيو، ذ. ڪيل ڪم. فعل. خراب ڪَمُ.

ڪَيو آڏو اچڻ، خراب ڪمن جي سزا ملڻ.

ڪَئي جو ڦل ملڻ، عملن جي سزا اچڻ.

ڪَيو ڪَرتيو، ذ. ڪيل پورهيو- محنت. لايو لڳايو.

ڪيوَٽِ، ث. سانگ صرفو. سگهڙپائي. ٺاهہ ٺوهہ (گهرَ جي).

ڪيوِٽِي، ث. ڪَن جي پاپڙي ۾ پائڻ لاءِ والِي (ڳهہ).

ڪيوڙو، ذ. هڪ قسم جو وڻ (جنهن ۾ سُرهو سَنگُ ٿئي). (عام طرح) ڪيلو.

ڪِيولِي، ڪِئِلِي، ث. هڪ قسم جو عام مشهور جيت- ماڪوڙي.

ڪِيهَ، ث. ڪُوڪَ- چيخ- چيٽ. سنهي آواز سان دانهن- رِيهَ. ٻاڪارَ.

ڪِيهُون ڪرڻ، رڙيون ڪرڻ- دانهون ڪرڻ.

ڪِيهَرُ، ذ. شِينهُن- ٻيلائي شينهن.

ڪِيِڻ، ظ. ڪهڙيءَ طرح- ڪهڙي نموني- ڪهڙيءَ ريت.

ک

ک: ث. سنڌي الف- بي جو چاليهون اکر.
کاپَ: ث. ڪاڏيءَ هيٺيان وراڻي ۾ ڏل پَٽڪي جو پلاند. گهوڙي جي جاڙيءَ هيٺان ڏنل چم جي وَڌي. جاڙي.
کاپُ: ذ. واهه وغيره جي ڪپ ۾ پيل ڪَنڊُ- گهارو.
کاپارُ. کاپارو: ذ. خسارو. جنجال- مصيبت.
کاپَڙُ: ذ. ناريل جي کوپي جي مٿان واريون تندون (جنهن مان عموما رسا ۽ نوڙ ٺهن).
کاپَڙُ: ص. کابي هٿ سان ڪم ڪندڙ- ڏاوڙ.
کاپڙوتِي. کاپڙوئي: ص. کابي هٿ سان ڪيل ڪم (جيڪو سُنو نہ ٿئي)- رواجي- هالو چالُو.
کاپو: ذ. ڏاٻو (هٿ. طرف) -کبو.
کاتو: ذ. روزاني ڏيتي ليتي جو حساب ڪتاب- روزنامچو. حساب- ليکو. محڪمو- شعبو- ڊپارٽمينٽ.
کاتي چڙهڻ: حساب ۾ داخل ٿيڻ. ليکي ۾ لکجڻ.
کاتيدارُ: ص. ننڍو زميندار جنهن جي کاتي ۾ زمين چڙهيل هجي.
کاٽُ: ذ. چوري لاءِ گهر جي ڀت جي پاڙ ۾ لوڳهو جنهن مان چور ڀيٽ ڀر سرڪي لنگهي.
کاٽ هڻڻ: گهر جي ڀت ۾ لوڳهو ڪري چوري ڪرڻ.
کاٽيو: ص. کاٽ هڻي چوري ڪندڙ.
کاٽاڻو: ص. ڪٽيندڙ ڪمائيندڙ. ڪمائي ڪندڙ.
کاٽُو: ص. کاٽاڻو. ڪٽيندڙ ڪمائيندڙ.
کاٽونبو: ذ. هڪ قسم جو جهنگلي ميوو (جيڪو ڏٿ طور ڪم اچي).
کاٽِي: ث. ڪڙيي واهه وغيره مان ريٽ واري مٽي کوڙ سان ڪٽي ڪڍڻ جو ڪم. کوٽائي.

کاپارو: ذ. جهيڙو. پار جو انگل آرو. هلاڪي- جنجال.
کاپاڻو: ص. کپائيندڙ- فضول خرچ- هٿ ڦاڙ.
کاپَڻُ: م. راند ۾ آئوٽ ٿيڻ.
کاپو: ذ. ضرورت- گهرج. وکرو (واپار ۾)- کپت. خرچ پکو.
کاپِي: ث. گهرج- ضرورت- طلب.
کاڄُ: ذ. کاڌو- طعام- خوراڪ.
کاجا: ذ. بوهي مڱَ- هڪ قسم جو تيلي ٻج.
کاجِرو: ص. کائڻ لائق- کاڌي جوڳو.
کاجو: ذ. بوهي مڱَ- بوهي ڇٽو.
کاڄَڻُ: م. کائجڻ (کاڌو. طعام وغيره). سُرو يا جيت لڳڻ سبب زبون ٿيڻ. سِرڻ يا ڀت کي ڪلر لڳڻ.
کاڄي وڃڻ: جسم ۾ ڳري وڃڻ پٽو پاڻ ٿيڻ. هيٺو ٿيڻ.
کاڄِي: ث. خارش- کَنهَر.
کاڌ: ث. خوراڪ- غذا- قُوت. درياءَ جو پاڻي- ڪَپر جي ڪاٽ.
کاڌ ڪرڻ: درياءَ جو ڪپر کي پائڻ.
کاڌ خوراڪ: ث. کاڌو پيتو. کاڌي پيتي جو خرچ.
کاڌلُ: ص. سواد ورتل- واپرايل. سُرو لڳل (انُ يا ميوو. ڪپڙو وغيره)- سُريل.
کاڌو: ذ. طعام- خوراڪ. توَنُ. قُوت- غذا. ڇُولو.
کاڌو پيتو: ذ. دالو پاڻي. خوردنوش.
کاڏِي: ث. هڪ قسم جو ٿُلهو سوٽي ڪپڙو.
کاڏو: ذ. کاڏي (هڪ عضوو). وڏي ڪڏ- کامو. رستي جي وچ ۾ کانچو.

ڪاڻو ڪوڙڻ: مُنهن پر ڪرڻ. بي همت ٿيڻ. ويهي رهڻ.
ڪاڏِي: ٿ. چاڙيءَ جو هيٺيون حصو (عضوو).
ڪارِ: ٿ. ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ هڪ قسم جو اڇو مصالحو- سويا ڪار. ساڪُڙ (لاٽيءَ مان ٺهيل ڪار).
ڪارُ: ص. بگاڙ- بگاڙيندڙ. خراب ڪندڙ. ڪريل.
ڪاراڻِ، ڪاراڻي: ٿ. تلخي- ڪوڙاڻِ.
ڪارائڻُ: م. نوش ڪرائڻ (ڪاڌو). پيٽ ۾ وجهڻ (رشوت). هضم ڪرائڻ. ڏيارڻ (مار. سزا).
ڪارائِي: ٿ. اُٺ جو هڪ قسم. "ڪاري" جو رهاڪو.
ڪارَڪَ، ڪارِڪَ: ٿ. ڪَتل- ڇُوهارو. ڪپڙي تي ڇُرَ جو هڪ ڇِٽُ.
ڪارَڻُ، ڪارِڻُ: م. خراب ڪرڻ. ڦِٽائڻ- بگاڙڻ. بيڪار ڪرڻَ. لبڻ. ربڻ- لالچائڻ. بدافعال ڪرڻ. خراب عادتون وجهڻ.
ڪارُو: ص. ڪاريندڙ- خراب ڪندڙ- ڦٽائيندڙ. بدخواه.
ڪارُو ڳهڙُ: ص. ڌتاريندڙ. برغلائيندڙ. ڪم ڪان رنڊائيندڙ. ٺهيل ڪم ڦٽائيندڙ. بدافعال.
ڪارو: ذ. سمنڊ- بحر. وڏائين يا لٿي جي ٿارن مان ٺهيل ڏلهو. لوڻ وارو- تلخ. ڪوڙو. (ٿ. ڪاري).
ڪاري ڪيڙائُو: ص. سمنڊ تي بيڙا هاڪاريندڙ. ساموندي ناکئو.
ڪاروچاڻ: ذ. سنڌونديءَ جي چوڙ واري هڪ ڦاٽ جي ڪناري وارو ڳوٺ.
ڪارِي: ٿ. ساموندي پاڻيءَ جو گهارو (جيڪو ڪناري ۾ گهڻو اندر هليو وڃي)- خليج. سمنڊ جي ڇاڙِ. وڏائين يا لٿيءَ جي ٿارن مان ٺهيل هڪ قسم جي ڇَٻي.
ڪاسارو: ذ (ع. خساره) نقصان. ڪاپارو- هلاڪي- جنجال. آزار.
ڪاشو: ذ (اصل. خاصو) ڇڳو- سنو. رومال وانگر ڪپڙو جيڪو سُلفيءَ جي ٺڙيءَ تي رکي سُوٽو هڻجي.
ڪاڳڙُ: ذ. تيل ۾ تريل وڏو مِٺو پاپڙ.
ڪاڪڙ ڪُوڪڙُ: ذ. ڪنهن شيءِ جو بچيل حصو- پورُ پُڪو- ٽُڪر ٽانيرُ.
ڪامَ: ٿ. ساڙُ- جَلُ. حسد- ساڙو. بغض.
ڪامَڻُ: م. سڙڻ- پچڻ- جلڻ. پڇرڻ. حسد ڪرڻ.
ڪامِڻي: ٿ. ڪامَ- جَلَ. ساڙو. ريسَ- حسد.
ڪامو، ڪامون: ذ. زمين مان مِٽي نڪتل وڏي کڏ. ڪاٽي ڪنيل زمين واري کڏ.
ڪامڙيو: ص. ڪامو کوٽيندڙ کوٽاريو. ڪاٽي ڪڍندڙ ڪامڙيو.
ڪان: ظ. وٽان- طرفان. منجهان- مان.
ڪانپاڻِي: ٿ. پوک تان جهار هڪلڻ لاءِ رسي يا سَٽ مان ٺهيل وَڍِي (جنهن سان ڳوڙها اڇلجن).
ڪانٽو: ذ. رستي ۾ کُوبو. کَسِي. ڊورو.
ڪانجاڻِ، ڪانجاڻِي: ٿ. اٽڪ- رڪاوٽ- رنڊڪ. ڦڏو. ڪاپارو.
ڪانجاڻو: ذ. رخنو. اٽڪاءُ. ڇيڏڪ.
ڪانچُ: ذ. کڏو. رڪاوٽ- اٽڪاءُ. شرارتي. ڦڏائي.
ڪانچو: ذ. رستي ۾ کڏو. پٽ وغيره ۾ کوٽيل جاءِ. خانو. سوراخ. ڇيرُ.
ڪانڌ: ٿ. صبر- ڌيرج. ٺهنائي. سهپ. بردباري.
ڪانڌيرو: ص. ڪانڌ وارو- ڌيرجوان- صابر.
ڪانگهارو: ذ. بلغم.
ڪانگهارِي: ٿ. اها ڇوڪري جيڪا کير گهٽ ڏئي- ڪانگهاري.
ڪانو: ذ. ڪاتو- طعام- ماني. ضيافت.
ڪانهارِ، ڪانهرِ: ٿ. خارش- مِٺي کَهه. کنهن جي خواهش.
ڪانٺُ: م. ساڙڻ- جلائڻ.
ڪاڻِ: ٿ. اها زمين جنهن ۾ معدني شين جو ذخيرو

هجي. ذخيرو. تندي ڀند- تلاءُ (جنهن ۾ پاڻي ٿانگهو هجي).
ڪائوٽِ؛ ذ. تعلقي هالا جو مشهور ڳوٺ ۽ ديهه. جيڪو جنديءَ جي ڪم ڪان مشهور آهي.
ڪاهَه؛ ث. حسد. وير- دشمني- خصومت- چاوت. عداوت- بغض.
ڪاهُڙُ؛ ذ. ٽر جي خطي ۾ وٽ ۽ ڏٽ وارو حصو.
ڪاهو؛ ذ. اونهي کڏ. خندق.
ڪاهوڙِي؛ ص. ڏٽ تي گذران ڪندڙ. (جبل يا ٽر جا ماڻهو). جوڳي فقيرن جو گروهه (جيڪي ٽانگ جي ٽنگ تي جهاڙون رکن).
ڪاهِي؛ ث. قلعي جي چوڌاري کوٽيل خندق. آنَ ڪڻڻ لاءِ ٻه گڏ سبيل ٻورا.
ڪائُڙُ؛ ذ. ٽر جي خطي وارو اُترين حصو.
ڪائِڻُ؛ م. چباڙي ڳيهڻ- نوش ڪرڻ- تناول ڪرڻ- واپرائڻ. هضم ڪرڻ. ڳڙڪائڻ. غبن ڪرڻ. وڍڻ (رشوت). جهلڻ (مار). ٻُڏڻ (گاريون). هڻڻ (چڪ). ڪاٽ ڪرڻ (درياءَ). کپائڻ. ختم ڪرڻ- اُڏائڻ (دولت). کڻڻ (قسم). (ذ) کاڌو- طعام- ماني.
ڪائُو؛ ص. کائيندڙ. گهڻو کائيندڙ. ڳڙڪائيندڙ. گهڻ کائو. پيٽُو. هيڃي. لالچي. راشي.
ڪائي چڙهڻ؛ وَهي چڙهڻ- پوڙهو ٿيڻ.
ڪائي وڃڻ؛ هضم ڪرڻ. غبن ڪرڻ.
ڪائي پِي؛ ظ. خرچ ڪري. اُڏائي- دُف ڪري.
ڪاپارُ؛ ص. کائڻ لائق (ٻار).
ڪَبَڙُ. ڪَبَرُ؛ ذ. هڪ وڻ جو قسم.
ڪَپُ؛ ذ. ڪَپُ- وَڍُ. ڪانچو (پٽ وغيره ۾). پير ۾ ڪُڙي ۽ پب جي وچ وارو خال.
ڪُپُ؛ ذ. کڏ- کوبو. ڪهبُ. ڏنگُ.
ڪَبَڙُ؛ ذ. هڪ مشهور وڻ. (ث. ڪَبِڙِي).

ڪُهو؛ ذ. ڪاٻو (هٿ، طرف)- ڏائو. (ص) کاٻي هٿ وارو. (ث. ڪُبي).
ڪُهُوسُ؛ ص. ڪُسرو (جنهن کي ڏاڙهي مڇون نه هجن).
ڪُبِي؛ ذ. ڏائو پاسو. ڏاند کي هرن يا گاڏي ۾ وهڻ وقت کاٻي پاسي ورڻ جو حڪم.
ڪُتَ؛ ث. سَنهي ڇيٽ (ڪانيءَ جي). وڻ جي پاڙ واري ڪاني. پوک جي ڪانن وڍڻ کان پوءِ رهيل ڪُٽون.
ڪتائِڻُ؛ م. وَهي يا رجسٽر ۾ داخل ڪرڻ.
ڪُترِي. ڪِترِي؛ ذ. هڪ قوم جو نالو.
ڪُتو؛ فعل. کپي ويو. پورو ٿيو.
ڪُتو؛ ص. ڪُپي ويل. ماڳائتو- برقرار.
ڪُتو جوابُ؛ ذ. صاف جواب. بلڪل انڪار.
ڪِٽِ؛ ظ. بيزار- ڪَڪ- خفي- ڪهُيل- تڪل.
ڪِٽ ڪرڻ؛ بيزار ڪرڻ- ورچائڻ. ڪڪ ڪرڻ.
ڪُتابُ؛ ذ (ع. خُطاب) مدرسو- مڪتب.
ڪُتابي؛ ص. شاگرد- طالبعلم.
ڪِترِيَلُ. ڪِتڙِيَلُ؛ ص. بدحواس- واتڙو- موڳو.
ڪَتَڙَ؛ ث. ڪڙٻڙ واري زمين.
ڪَتَڙُ؛ ذ. گاهه جو هڪ قسم. حيدرآباد ضلعي ۾ هڪ ڳوٺ.
ڪِتڙَڻُ؛ م. وتلڻ. بي فائدي ڳالهائڻ. بڪ ڪرڻ. واتڙو ڳالهائڻ.
ڪِتَلُ؛ ص. ڪُهيل- ڦاٽي زبون ٿي ويل. ڪتڙيل.
ڪُتَلُ؛ ص. ڪُسي ويل (وار). ڳري زبون ٿي ويل. ڪُهيل.
ڪَتو؛ ذ. آنَ مان نهيل لوٿي.
ڪٺيرِي؛ ث. ڪٺو اوڍيندڙ (عورت). مسڪين.
ڪِٺو؛ ص. ڪسڪيو- رڙهيو. ڇُريو. جهُريو.
ڪُٺو؛ ص. سڙي ڳري ويو- پرالو ٿي ڇڄي ويو.
ڪَٺورِي؛ ث (سن. ڪستوري) مُشڪ (هرڻ جي پيٽ

۾ ٿئي ۽ نهايت خوشبودار ٿئي). گاهه جو هڪ قسم.

ڪَتِي؛ ث. اَنَّ يا ڏاس مان ٺهيل لوئي.

ڪَتَ؛ ث. جيت- سوڀَ. سرسي، نفعو- فائدو- اپراسو. اُتر قطب جي چوڌاري ڦرندڙ ستن تارن جو نکٽ- دُبُ اڪبر.

ڪَٽ ڪٽڻ؛ سوڀ ڪرڻ. ڪارنامو ڪرڻ. بازي جيتڻ.

ڪَٽَ؛ ث. چارپائي- پلنگ- مَنجو. سيج.

ڪَٽَ تي پوڻ؛ بيمار ٿي پئجي رهڻ.

ڪَٽَ ڪڍڻ؛ جنازو ڪڍڻ- لاش ڪڍڻ.

ڪَٽِ؛ ث. ڪٽاڻ- تُرشي. گدامڙي جو پالي. چٽني. آچار.

ڪِٽَ؛ ث. حرڪت- شرارت- ڪيچل- مستي. ڳُونس- چُرَ.

ڪِٽَ ڪرڻ؛ حرڪت ڪرڻ. ڳُونس ڪرڻ. هٿ چُراند ڪرڻ. چُرچَ ڪرڻ.

ڪٽاڻ؛ ث. تُرشي. گدامڙي يا انبڙي جي چٽني. انب جو آچار.

ڪٽائڻُ؛ م. ڪمارائڻ. سوڀ ڪرائڻ. جيتائڻ. فائدو حاصل ڪرائڻ.

ڪٽائِڻُ؛ م. گھٽائڻ- گھٽ ڪرڻ. سُئِيَ ڪرڻ. ڪپائڻ. لُٽائڻ. ڏيوالو ڪڍائڻ.

ڪِٽِ پِٽ، ڪِٽ ڦِٽ؛ ث. ڪن شيءِ ٽھڪڻ جو آواز. جهيڙو- تڪرار. ريڙ پيڙهه.

ڪٽرَ؛ ث. اُها چوپائي جيڪا کير نه لاهي ۽ سولي ڏهائي نه ڪرائي.

ڪٽراڳ، ڪِٽراڳُ؛ ذ. هڪ راڳڻي جو نالو. جهيڙو- تڪرار. هُل بکيڙو.

ڪٽراڳ ۾ پوڻ؛ جهنجهٽ ۾ پوڻ- جنجال ۾ پوڻ. آزار ۾ ڦاسڻ.

ڪُٽڪڻُ؛ م. چِڙڻ. ڪڪَڻُ- هُرڻ. اٽڪڻ. انديشو ڪرڻ.

ڪُٽڪو؛ ذ. انديشو- اونو. ڊپ. پريشاني. انتظار.

ڪَٽ ڪَٽِ؛ ث. ٺڪ ٺڪ جو آواز.

ڪَٽَلُ؛ ص. سُڃو- پينگيو. پالهو. مفلس. اُوٺو- گهٽ.

ڪٽلائي؛ ث. سُڃائي- پينگيائي. اڻ هوند. ناداري.

ڪَٽِمنو، ڪَٽِمِنڙو؛ ذ. ڪٽ مِٺي ذائقي وارو ٽول- ڪَٽُونبڙو. ڪنڊ جي چاش مان ٺهيل گولي (جنهن جو سواد کٽو مِٺو ٿئي).

ڪَٽڻُ؛ م. سوڀ ڪرڻ- فتح ڪرڻ. جِيتڻ. پِرائڻ- فائدو وٺڻ. مقابلي ۾ سرسي ڪرڻ.

ڪُٽڻُ؛ م. گهٽ ٿيڻ- ڪمي ٿيڻ. ڪَسو ٿيڻ. اڻپورو ٿيڻ.ختم ٿيڻ- کَپي وڃڻ.

ڪٽهار؛ ذ. گُل جو هڪ قسم.

کٽو؛ ص. کٽي ذائقي وارو- تُرش.

ڪٽا ٽِٽَ؛ ذ. اجايون ڳالهيون- ٻٽاڪون.

کٽو ٿيڻ؛ بيزار ٿيڻ- ورچڻ.

کٽو پوڻ؛ تلخ ٿيڻ- ڪاوڙجڻ- بيزار ٿيڻ.

کٽو مِٺو ٿيڻ؛ تڪرار ڪرڻ- ڏند چڪ ڪرڻ.

ڪٽُو؛ ص. ڪٽيندڙ- ڪمائيندڙ.

ڪٽولو؛ ذ. وڏي کٽ. کٽ- مَنجو.

ڪٽولِي؛ ث. ننڍي کٽ- منجي.

ڪَٽُونبڙو؛ ذ. ڪٽمنو.

ڪٽُونبو؛ ذ. "تر" ۾ ٿيندڙ هڪ ڳل (ڏٿ طور ڪم اچي).

ڪَٽِي؛ ث. ڪمائي- اُپت- نفعو- ڪٽيو. آمدني.

ڪَٽِي؛ ص. ڪپڙا ڌوئيندڙ- ڌوٻي- گاذر- پريٽ. (ث. ڪٽيائي).

ڪُٽِي؛ ث. پُڄاڻي- انتها (حياتي جي). موت- ازل.

ڪُٽِي ڪڍڻ؛ موت جي مُنهن ۾ وڃڻ. سِر وڃڻ جهڙي ڪم ۾ هٿ وجهڻ.

ڪَتياڻَ؛ ذ. بلوچن جي هڪ قوم.

كتيائي: ث. پکيءَ جو هڪ قسم.

ڪٽيو: ص. ڪمائي- نفعو. اُپراسو. آمدني.

ڪَپُ: ذ. گهرج- ضرورت- لوڙ. ڪاپو- خرچ. ٻت وغيره ۾ ننڍيل ڳڙک جنهن تي پير رکي لهجي چڙهجي- ڪانچو. گهپُ.

ڪِپَ: ث. مياڻ (تلوار رکڻ جو ڪوپو). هڪ قسم جو ٻوٽو.

ڪُپُ: ظ. مضبوطيءَ سان پتل- پڪي ويل. پورو- هڪ ٽڪ.

ڪُپ تي وڃڻ: پڪي وڃڻ. چُپي وڃڻ. مضبوط ٿيڻ.

ڪَپائڻ: م. خرچ ڪرڻ. واپرائڻ. ختم ڪرڻ. وڃائڻ. متو هڻائڻ- تنگ ڪرڻ- هلاک ڪرڻ.

ڪپائي ڇڏڻ: خرچ ڪرڻ. ختم ڪرڻ.

ڪَپائُو: ص. خرچائو.

ڪُپائڻ: م. مضبوطيءَ سان لڳائڻ- نهڪائڻ. پورو ٻيهارڻ. پڪائڻ. مضبوط ڪرڻ.

ڪَپتِ: ث. خرچ. استعمال. فروخت. گهرج- طلب. ڪاپو.

ڪَپڙُ: ذ. نانگ جو هڪ قسم. (ص) وڏو ڪاٽڙيو چور.

ڪِپرو: ث. ضلعي سانگهڙ ۾ هڪ شهر ۽ ديهه جو نالو.

ڪَپڻُ: م. خرچ ٿيڻ. استعمال ٿيڻ. ڪم اچڻ. ختم ٿيڻ- وڪامڻ. ڪاپو ٿيڻ. ورچڻ- ڪَڪ ٿيڻ. گهرج ٿيڻ- گهرجڻ.

ڪُپڻُ: م. چُپڻ. پچڻ. وٺڻ (اکين کي). ويهي رهڻ (دل ۾). پيهڻ- سمائجڻ. ڪُپي وڃڻ- مضبوط ٿيڻ.

ڪَپو: ذ. ڪَپُ- ڪانچو.

ڪِڄَ: ث. ڪاوڙ- چڙ- غصو. رشڪ- حسد. بيزاري. شرمساري.

ڪِجائڻُ: م. ريس ڏيارڻ. هُشي ڏيڻ. هرڪائڻ.

ڪُجلي: ث. خارش- ڪنهر- ڪاجي.

ڪُجلي ٿيڻ: خارش ٿيڻ. سڌ ٿيڻ. هِرکڻ.

ڪِجَڻُ: م. ڪاوڙجڻ- چڙڻ. بيزار ٿيڻ. ورچڻ.

ڪَجُورَ: ث. هڪ قسم جو وڻ ۽ اُن جو ڦر- ڪجي- کُرمو.

ڪَجِي: ث. ڪجور جو وڻ.

ڪَڇَڻُ: م. متي ٿيڻ. چڙهڻ. ترقي ڪرڻ. غائب ٿيڻ. اغوا ٿيڻ.

ڪَچَ: ث. پيڙ- مجمع. ڳاهٽ. (ص) پريل- ڏٽيل- مُنهان تار.

ڪُڇَ: ث. ڪڙيءَ جي مٿان ۽ پنيءَ جي هيٺان وارو سَنڌُ- مُرني جي پُٺ. مُرني واري پيڏي.

ڪَڇر ڳلو: ذ. ڪِلَ. ٽهڪڙو. کِل ٻوگ وارو هُل. هُل هنگامو.

ڪِچرو: ص. ڪيچرو. بدافعال- ڪلچٽو. ميرو گندو.

ڪِچڪو: ذ. ڪيچل. ڪل مسخري. ٽهڪڙو. هرويرو جي کِلَ.

ڪچ ڪچ: ث. دبيل کِلَ. مسخري.

ڪِچڙي: دال چانور گڏ رڌل پنڙو ڀت. (ص) گڏوچڙ.

ڪِچڙي ڪائڻ: آسان ڪم ڪرڻ.

ڪِدا: ث. گودڙي. رلي. فقيرائي جهولي.

ڪَدِڙو: ص. ڪَسِي. نامرد. بزدل- بي مڙسيو.

ڪُڏو: ذ. 'تاس' ۾ ڪارو رنگ.

ڪُڏ: ث. ڪوٽيل يا قدرتي هيٺاهين زمين. کامو. ڪاهي. غار. ڏر. چُر. کهاڏو. قبر- گور.

ڪُڏِ پرڻ: نقصان جو پورائو ڪرڻ- ٽوٽو ڀرڻ.

ڪُڏون کوٽڻ: بدخواهي ڪرڻ. ٻئي کي نقصان پهچائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

ڪُڏ: ذ. ڇت (جاءِ جي). ڇت جو مٿيون حصو. ڪوٺو.

ڪُڏڙي، ڪُڏلي: ث. ڀت ۾ ننڍيل خانو (جنهن ۾ ريزڪي پئسا گڏ ڪجن). پنڊالڙي.

کڏلو؛ ذ. شڪار لاءِ وڻ ۾ ٺهيل پيهو (جنهن تي شڪاري محفوظ ويهي).

کڏو؛ ذ. وڏي کڏ. حوض. غار.

کڏِي؛ ث. ننڍو جارو. کُڏلي. فقيرن جي ننڍڙي بينڪ. ننڍڙو حجرو. پٽ ۾ ريزڪي پئسن گڏ ڪرڻ لاءِ ٺاهيل جارو. پنبالڙي. ڪُڪڙن جي کُڏڙي.

کَرُ؛ ذ (ف. خر) گڏهه- خر. (ص) ڪريل. اهنڊ. رقيب. نامحرم.

کِرُ؛ ذ. افعال- خصلت. شعور. ليڻ. سليقائي. سگهڙپائي يا سليقي جو ڍنگ.

کِردارُ؛ ص. نيڪ خصلت.

کُرُ؛ ذ. چوپائي وهٽ جو چيريل پيرُ.

کُر پيرُ؛ ذ. پار پتو- ڏس نشان.

کُرانڊِي؛ ث. وهٽ جي کُرَ جو هڪ پاسو.

کَرائي؛ ث. سچائي- ايمانداري.

کَرَبُ؛ ذ. هڪ سؤ اَرب (تعداد).

کِرِڪيو؛ ذ. ننڍڙن ٻارن کي کنگهه جي هڪ بيماري.

کُرپو؛ ذ. گاهه ڪوٽڻ يا گڏ ڪرڻ جو هڪ اوزار- رنبو.

کُرپِي؛ ث. حلواين جي ڪم جو هڪ اوزار. رنبي.

کَرَجُ؛ ذ. ”سرگم“ (راڳ جو اصطلاح) جو ’سا‘ وارو بنيادي سر.

کُرجِيهَ؛ ث. خُرزين- ڪڙيو.

کُرچَو؛ ث. هنڊي يا ديگڙي جي تر ۾ لڳل پٽ- اُکراڻ. ٻچت سچت.

کُرچَڻُ؛ ذ. ڪرڙڻ- رهڙڻ. رهڙي صاف ڪرڻ.

کَردَجالُ. کَردَيالُ؛ ذ. روايت مطابق ايندڙ زماني ۾ پيدا ٿيندڙ فرضي بادشاهه (جيڪو ڪاڻي گڏهه تي چڙهيل هوندو ۽ خلق خدا جي کي گمراهه ڪندو). فتني باز.

کُرڏو؛ ص. پير کان ٿڙيل- ٿڙيل پيرن وارو (ماڻهو، جانور).

کَرَڙُ؛ ذ. پٿر جو ٺهيل بيضوي اکرو جنهن ۾ طبيب دوائون کرل ڪن. ڏاس مان ٺهيل تلهي فراسي.

کُرِڙَ؛ ث. ديگڙي جي تر ۾ لڳل پَٽُ- اکراڻ.

کَرڙاٽُ؛ ذ. ڪنهن در دريءَ وغيره جي رهڙ جو آواز. زور سان کنهڪڻ جو آواز.

کَرڙاٽو؛ ذ. کونگهرن جو آواز- گهوگهرو.

کَرِڙڻُ؛ م. رهڙڻ. رهڙي صاف ڪرڻ. رهڙون پائڻ. رهنبڻ.

کَرَڙو؛ ذ. دُڪان جي روزاني وکري جي حساب جو رجسٽر- روزنامچو. گپ چڪ واري زمين. رهٽو- رهڙو- کنهر. ڪڙٻڙ واري سخت زمين.

کَرڙِي؛ ث. ڏاس مان اُڻيل فراسي.

کُرڙِي؛ ث. ڪڙي.

کُرڙيون هڻڻ؛ ايذاء ڪان چڙيون هڻڻ- لتون اُڇلڻ.

کَرسَڻُ؛ ذ. گاهه جو هڪ قسم.

کِرڪَ؛ ث. ننڍڙي چڙي.

کَرڪاڻُ؛ ذ. کَرڪَڻُ. جُتيءَ جو هڪ قسم.

کَرڪَڻُ؛ ذ. ڦيش مان ٺهيل جُتي (جيڪا جابلو ايراضي ۾ پائجي). پادُر. پُراڻي جُتي.

کُرڪَڻُ؛ م. کنگهڻ. ٺورو کنگهڻ.

کُرڪو؛ ذ. کنگهه. نڙي ۾ سُرڪاٽ سبب ٿوري کنگهه.

کَرڪِي؛ ث. چوپائي کي کِچيءَ ۾ ٻڌڻ لاءِ چڙي.

کَرکِرو؛ ذ (ف. خرخره) گهوڙي جي ٻُت کي صاف ڪرڻ لاءِ لوهي بُرش.

کَرکَسو؛ ذ (ف. خرخسہ) جهيڙو- ڦڏو. تڪرار. مونجهارو. ننڍڙن پکين ڦاسائڻ لاءِ اڏيل ڍِب.

کَرکَلو؛ ذ. ڪرکرو. کرکسو.

کِرکِٽو؛ ص. جُهريل- پُريل. زبون (جيڪو هٽ لائق

سان پچي پُري). اُلڙيل- اُڪڙيل. لچڪئو.

گَرَلُ؛ ذ. پٿر جو بيضوي اُڪرو (دوائن پيهڻ لاءِ).

گَرل ڪرڻ؛ سنهون ڪرڻ- باريڪ ڪرڻ.

ڪِرِمتُ؛ ذ. فريب. ٺوڳو. ٺڳو. خِريب. مڪر. فساد.

گَرنڊُ؛ ذ. ڪهاڙي، ڪاتي وغيره اوزار جي ڌار ۾ پيل ڪَڪَر.

ڪَرُنڊُ؛ ذ. ڦُرڙي يا زخم جي پڪل گل- ڪَرڙي. رهڙ- رُهنڊ.

گَرَڻُ؛ م. ڦِٽڻ- ڪِنو ٿيڻ. (کير، ڪاڏو وغيره). خراب ٿيڻ. بگڙڻ- لِڳڻ کان نڪرڻ. بدلجڻ ٿيڻ. بي افعال ٿيڻ. بدچال ٿيڻ.

گَرو؛ ذ. فصل مان لٿل اناج جو ڍِڳ (سنگن، سِنَّن يا اَنَ جي صورت ۾، ٻڌل کان اڳ). لاباري بعد 'وَلِ' رکڻ جي جاءِ. اناج جو ڍِڳ. لاباري بعد گڏ ڪري رکيل اناج.

گَرو؛ ص. خالص- نج. اصلي. صاف. سچو. نبار. (ث. گَري).

کرو کوٺو؛ ص. چڱو مدو- ٻُرو ڀلو.

گَروٽَ؛ ث. تلهي تي ننديءَ پٽ سان ٺهيل ڪچي مسجد (جنهن تي ڇت اڏيل نہ هجي).

ڪِروِڪر؛ ظ. ترڙيل پڪڙيل- ڇڙوڇڙ.

گَرِي؛ ث. فصل مان آيل اناج جو ڍير. انبار- ڍِڳ. "کري" رکڻ جي مستقل جاءِ.

ڪُرِي؛ ث. ويل چوپائي مال جي پيرن جي آهوڙ ۽ موٽائي وٺي ڏيڻ جو عيوض. ڀُنگُ.

ڪِريبُ؛ ذ. خريب- فريب- دولاب. هٽ ناٽ. ٽوٽا ٽيٽا.

گَريلُ؛ ص. خراب ٿيل. ڦِٽل. بدلجئو- بي افعالو. ناپاڪ. بدپيشي.

ڪِريو؛ ذ. ٻَنو (ٻنيءَ ۾). ٻصر ٻڪر وغيره پوک لاءِ ٺهيل ٻنو. تماڪ جي پوک جو هڪ ٻارو.

ڪِريا ڪڍڻ؛ هر ڏنل زمين ۾ ٻڪر جي پوک لاءِ ننڍيڙيون ڪسيون يا ناليون ڪڍڻ.

گَڙ؛ ث. سرنهن، جانبي وغيره جو تيل نڪتل ڦوڳ (جيڪو مال کي چاري ۾ گڏائي کارائبو). سُڪي زمين ۾ ڪاهيل هر جي حالت. ويايل چوپائيءَ جي کير مان ٺهيل پِسُ يا ٻَرَهِي.

گڙ تيل نڪرڻ؛ نتيجو نڪرڻ. مقصد حاصل ٿيڻ.

گڙُ؛ ذ. جواهرات جا ذرا. ڪانچ جو چُورو (جنهن سان سون يا چاندي کي اوجر ڪن).

گڙائِي؛ ث. بيهڪ. اُڀائي. عمودي بيهڪ. استقامت. چُستي. برجستگي.

گَڙِ ٻَڙِ؛ ث. ناهموار سطح. کڏن کوٻن واري زمين. هيٺ مٿي زمين.

گڙتالَ؛ ث. ڪاٺ جون چپڙيون (تاڙين وانگر وڄائڻ لاءِ).

گَڙپيلُ؛ ص. وڏي عمر وارو. آزمودگار. ٻُرو ۽ وڏي زور وارو. هر فن مولي.

ڪُڙڪَ؛ ث. ٺوري خبر- سُڻس.

ڪُڙڪ پوڻ؛ ٺورو واءُ سُواءُ ملڻ- سُڻس ملڻ.

ڪڙڪاٽُ؛ ذ. ڪاٺي وغيره ڀڄڻ جو وڏو آواز- ڪڙڪاٽ.

ڪڙڪائِڻُ؛ م. ٺُڪائڻ (دروازو)- ٺڪ ٺڪ ڪرڻ. هوشيار ڪرڻ. بازپرس ڪرڻ. دڙڪو دهمان ڪرڻ.

ڪِڙڪَڻُ، ڪُڙڪَڻُ؛ م. آواز ٿيڻ. وڄڻ. ٺڙڪو ٿيڻ. ٺهڪڻ- پاڻ ۾ لڳڻ (شيون).

گڙڪو، ڪُڙڪو؛ ذ. ٻن چيزن جي ٽڪرجڻ جو آواز- ٺُڙڪو- ٺڪاءُ. هلڪو آواز. آواز.

گڙڪيدارُ؛ ص. زور سان آواز ڪندڙ. دڙڪي دهمان

وارو. ڪڙڪي وارو.
ڪِڙڪِي: ث. دري.
ڪُڙڪُهيتو: ذ. اڏامندڙ جيت جو هڪ قسم جنهن جي پڇ مان روشني نڪري- چانڊاڻو.
ڪڙڪڙ: ث. ڪنهن ڦاٽوءَ جي وڄڻ جو آواز. بيل گاڏي وغيره جو آواز.
ڪُڙڪُو: ث. ڪڙڪو (دروازي تي).
ڪڙڪڙيو: ذ. ڪاٺ جو تختو (جنهن ۾ نئون گهوڙو بڌي گاڏيءَ ۾ وهڻ لاءِ سيکارجي). (ص) ڪڙڪڙ وارو. ڪڙڪو ڪندڙ.
ڪڙگ: ذ. (سن. کڙگ) ترار- شمشير.
ڪِڙِڻ: م. چڙوچڙ ٿيڻ. ٽڙڻ (گل). چمڪڻ (تارو). (تارو) ڪرڻ وقت روشني ڪرڻ. اُڀرڻ (چنڊ).
ڪڙو: ص. اُڀو- بيٺل- نصب- کُتل. برپا- قائم. تيار. سڌو. عمودي.
ڪڙو تڙو: ص. چاق چوبند- تندرست.
ڪڙي تڙي: ظ. بيٺي بيٺي. يڪدم- بنا دير. ڻهه پهه.
ڪڙو ڪرڻ: اُڀو ڪرڻ- بيهارڻ. نصب ڪرڻ. قائم ڪرڻ. برپا ڪرڻ. پيدا ڪرڻ (فساد).
ڪڙو، ڪڙهو: ذ. پِتَر- مٽيءَ جو وڏو ڳنڍو.
ڪڙو اڇلڻ، ڪڙو هڻڻ: پتر هڻڻ. اشارو ڪرڻ. ڇُراند ڪرڻ. مينهن جو نه مڙڻ.
ڪڙهه: ث. ڪُڪڙ جي ٽنگ ۾ نوڪدار شاخ. ڪنڊڻ وارو ڏينگهر. لوڙهي جي لنگهه بند ڪرڻ لاءِ ڏينگهر.
ڪڙهه هڻڻ: اولانيو ڏيڻ. سنڌائتو ڌڪ هڻڻ.
ڪڙي: ث. سنهي ڪڪري جو داڻو- ڀَهٽي. حقي يا چلم جي ٽوپيءَ ۾ وڌل پٿري.
ڪُڙِي: ث. پيرَ جو پچاڙيءَ وارو پٺيون هڏو. بوٽ يا جتيءَ جو ڪڙيءَ وارو حصو.

ڪُڙي ٽپائڻ: تاهوت ڪرڻ- جلدائي لاءِ تاڪيد ڪرڻ.
ڪُڙي ڏيڻ: رولاڪ ماڻهو کي رولڙو ڇڏائڻ لاءِ ڪڙيءَ کي ڏنب ڏيڻ جو سوڻ ڪرڻ.
ڪُڙي چڪ: ث. ٻاهر وڃڻ ۽ هلڻ جي هيرَ.
ڪُڙي ڪڍڻ: تکو هلڻ- تکو پنڌ ڪرڻ. تکي ڊوڙ پائڻ.
ڪُڙيون گسڻ: هلي هلي ٿڪجي پوڻ. ڪنهن ڪم ڪرڻ لاءِ گهڻا پنڌ ڪرڻ.
ڪُڙيون گهرڙڻ: ڇڙيون هڻڻ. روئڻ وقت يا ڦاسڻ ڪان پوءِ ٽنگون هڻڻ.
ڪڙيو: ذ. خرزين.
ڪُڙيو: ذ. ڪُر. ڪُڙي.
ڪُڙيا ڪڍڻ: پيرن تي بيهي ڏسڻ. تکو هلڻ. تکڙيون وکون کڻڻ.
گسَ: ث. حرڪت- چُر- هٽ چراند. جهپ- جهٽ. اُها پوک جيڪا سنگ ڪري مگر اَنُ نه ڪري. مرض لڳل پوک.
گسُ: ص. خصي (جانور وغيره).
گسائڻ: م. ڦُرائڻ. هٽان وڃائڻ.
گسرو: هڪ قسم جي بيماري- ننڍي ماتا.
ڪسرو: ص (ف. ڪوسہ) جنهن ماڻهو کي ڏاڙهي نه اچي يا ٿوري ڏاڙهي هجي- ٻُڇي.
گسڻوري: ث. ڪٿوري- مُشڪ.
ڪِسڪائڻ: م. هٽائڻ- سرڪائڻ- ريڙهڻ. ٽِڳائڻ- چورائڻ. لڪائڻ- گم ڪرڻ.
ڪِسڪڻ: م. هٽڻ- سرڪڻ. رڙهڻ. وڃڻ. بنا اطلاع جي وڃڻ. پچي وڃڻ. لڪي ڇپي وڃڻ. ڳِسڪڻ- ترڪڻ.
ڪِسڪي وڃڻ: اک بچائي نڪري وڃڻ. هليو وڃڻ. بنا اطلاع جي وڃڻ- پچي وڃڻ.
گس گس: ث. پُست جي ڪڻ.

ڪَسَڻُ، مر. ڦُرڻ- ڇنڻ. زوري قبضي ۾ ڪرڻ. جَهٽ هٿي ڦُرڻ.

ڪِسَڻُ، مر. پُراڻو ٿي ڦاٽڻ (ڪپڙو). جُهونو ٿيڻ- ڳرڻ. وڃڻ (عقل). گم ٿيڻ (هوش).

ڪُسَڻُ، مر. ڪُهجڻ (وار)- ڪونڊجڻ. پراڻو ٿي ڇجڻ.

ڪُسو، ذ. مرداني جُتيءَ جو هڪ قسم- گهيتلو.

ڪَڪُ، ص. پوڙهو. ضعيف. سُڪل. غريب. (ث. ڪَڪِ).

ڪِڪَ، ث. ميڇيءَ جي ڌپ- ڪِڪاڻِ.

ڪِڪاڻِ، ث. ميڇيءَ جي ڪِڪَ- بدبوءِ.

ڪَڪاڙِي، ث. ٻج واري ڪڪڙي.

ڪڪاڙيون ڪڍڻ، ڀاڙون ڀٽڻ. سخت سيڪت ڏيڻ.

ڪَڪَرِ، ث. هڪ قسم جو زهري اُڏامندڙ جيت- ڏينڀُو.

ڪَڪر ۾ ڳڙو اُڇلڻ، لُچي ماڻهو کي هرويرو ڇيڙڻ. خواه مخواه جهيڙي ۾ هٿ وجهڻ.

ڪَڪِري، ث. ڪَڪَرِ.

ڪَڪِڙو، ذ. ٻير وغيره جو ٻج- ڏتڙو.

ڪَڪِڙِي، ث. ڪجور جو ٻج. انب جو ڪوٺلو.

ڪَڪَڻُ، مر. هُرڻ (دل ۾)- دل سان لڳڻ (ڳالهه).

ڪِڪو، ص. بدبودار- ڌِپر. ميڇيءَ جي ڪِڪي بانس وارو. (ث. ڪِڪِي).

ڪِڪو وِڪو، ص. هڪو بڪو- حيران. واڻڙو.

ڪَڪِي، ث. ڪِڪڙِي.

ڪِڪِي، ث. مَڇِي (جيڪا ڪِڪَ واري ٿئي).

ڪَڳُ، ذ (سن. کڙگ) هڪ قسم جي تلوار (ٿوري ڏنگي ۽ ڊگهي). (ص) جهور پوڙهو. تمام ضعيف.

ڪَڳمارُ، ص. تلوار باز. پهلوان. جنگ جو جهونجهار.

ڪَڳلُ، ذ. تلوار هٿي هٿ ڪيل مال (لڙائي يا ڦُرمار مان). مال غنيمت.

ڪڳل ڪاڻڻ، مال غنيمت ڪاڻڻ. مفت جو مال ڪاڻڻ.

ڪَڳو، ذ. ميڇيءَ جو هڪ قسم- رَڙو.

ڪَڳِي، ث. ڄاڙي ڏڪائي خاص قسم جو آواز ڪڍڻ. هڪ قسم جو ناچ (جنهن ۾ ڪڳيون هڻجن).

ڪڳيون هڻڻ، خوشيءَ مان ڪَڳيون ٺوڪڻ- بَغل وڄائڻ. اجائي خوشي ڪرڻ.

ڪَلَ، ث. انسان يا حيوان جي جسم جي چمڙي. جانور جو چمڙو. چَمُ. ميوي وغيره جو ڇلڪو. ڇالَ (وڻ جي).

ڪل خراب ٿيڻ، مار کائڻ جي مرضي ٿيڻ. ڀُڏا ڪم ڪرڻ.

ڪل لاهڻ، بدن جي چمڙي جسم کان جدا ڪرڻ. سخت سزا ڏيڻ.

ڪِلَ، ث. ٽهڪ. خوشي. ٺٺول. مسخري.

ڪِلَ ڀوڳُ، ذ. چرچو مسخري. خوشطبعي.

ڪِلِ خوشي، ث. ڪِلَ ڀوڳ. رَونشو. وندر.

ڪِلائِڻُ، مر. ٽهڪ ڏيارڻ. خوش ڪرڻ. وندرائڻ.

ڪِلَ ڪرائڻ، پاڻ تان خواري ڪرائڻ.

ڪِلائيندڙ، ص. ڀوڳائي. چرچائي. خوش مزاج. ڪلٺو. رونشائي.

ڪَلَتَرُ، ڪَلَٽَرُ، ذ. پراڻي جُتي. پراڻو پادر. گهيتلو.

ڪَلڙُ، ص. ڪَل مان نهيل. ڪل جهڙو.

ڪَلڙِي، ث. ڪَلَ- چمڙي. ننڍي پکال- سانداري.

ڪِلڪو، ذ. زور سان ٽهڪڙو. ڪِل ڀوڳ.

ڪِلمڪ، ص. خوش طبع. ڀوڳائي.

ڪَلم ڪُلا، ظ. ظاهر ظهور- چٽو پڌرو- ديده دانسته.

ڪَلَڻُ، مر. ڪَل لاهڻ- چمڙي لاهڻ. جسم تان چم جدا ڪرڻ. سخت سزا ڏيڻ.

ڪِلَڻُ، مر. ٽهڪ ڏيڻ. مُشڪڻ. ٽِڙڻ. ٺٺول ڪرڻ. خوش ٿيڻ.

ڪِلٺو، ص. خوشطبع. ڪِلمڪ.

ڪَلَڻُ، مر. ڇڙڻ. آزاد ٿيڻ. ڇڙواڳ ٿيڻ. ظاهر ٿيڻ.

ڪشادو ٿيڻ- وسيع ٿيڻ. ٽڙڻ (گل). صاف ٿيڻ (آسمان).

گلو؛ ذ. جُوتو- پادر- موچڙو.

گلا کائڻ؛ موچڙا کائڻ- پادر کائڻ. جُٺ ٿيڻ.

گلو گهڻ؛ سختي ڪرڻ- جمت رکڻ. دٻاءُ رکڻ. باز پرس ڪرڻ.

گلوَل؛ ث. هلچل- هنگامو. ڌمچر- غوغاءُ. مصيبت.

ڪِلوَل؛ ث. ٽينگ ٽپا. موج. خوشي.

گَلي؛ ث. پاڻيءَ جي ننڍي سانداري. پکال- مَشڪ.

گِليتو؛ ذ (ع. خريطہ) چمر جي ڳوٿري- چمر جي ٿيلهي.

گُليل؛ ظ. ظاهر- چٽو- پڌرو. اڻ ڍڪيل. ٽڙيل (گل). ڪشادو- ويڪرو. خلاصو. جڙواڳ.

گُليو گُلايو؛ ظ. ظاهرظهور- پڌري پٽ- علي الاعلان.

ڪمَاچ؛ ث. هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

گِمِرو؛ ذ (ف. خمره) ٺڪر جو ٺِپو.

گمَڻُ؛ م. تحمل ڪرڻ- صبر ڪرڻ- ڌيرج ڪرڻ. ترسڻ. نوڙت ڪرڻ- نمڻ.

گمِي کائڻ؛ نئڙت سان وقت گذارڻ- نياز نوڙت سان هلڻ.

گَنُ؛ ذ. وقت جو تمام ننڍڙو وقفو. گهڙي جو ننڍڙو ڀاڱو. (ظ) ٿورو وقت، انداز يا تعداد جي حد ٻڌائيندڙ لفظ (جئن ڏهہ کن، ويهہ فوٽ کن، وغيره).

کِنَ؛ ث. لحظو- پل- گهڙي- لمحو. اک ڇنڀ. ساعت.

گنبُ؛ ذ. پَرُ (پکيءَ جو) پکُ. پکڙانديِ.

گنب سورڻ؛ وڃڻ جي تياري ڪرڻ.

گُنبُ؛ ذ. ڪٽيءَ جي ڪپڙن ٺهڪائڻ وارو ڪَنُ. ٻَني (ڪپڙن ٺهڪائڻ جي). هڪ قسم جو برساتي اوٻڙ.

گنبڙائِي؛ ث. پکيءَ جو هڪڙو پَرُ.

گنبِاتَ؛ ث. هڪ راڳڻي جو نالو. سنڌ جي ڏکڻ ۾ "پارت" جو هڪ علائقو.

گنهاڙي؛ ث. هڪ راڳڻي جو نالو.

گنبِڙي؛ ث. کنبڙائي. هڪ قسم جو برساتي جيت- پکڻ.

گنبَڻُ؛ م. زوري کڻي اچڻ- زوري وٺي اچڻ.

گنبي کڻڻ؛ زوري کڻڻ. قابو ڪري کڻڻ.

گنبُو؛ ذ. هڪ قسم جو آبي پکي. (ص) موڳو- واٽرو.

گُنبِي؛ ث. هڪ قسم جو برساتي اوٻڙ.

گنجَ؛ ث. ٺونٺ کان وٺي ڪُلهي تائين پاتل چُوڙا. چِڪَ- سَٽَ. تنبيهہ.

گنج ڪڍڻ؛ داب ڏيڻ. چِڪَ ڏيئي سڌو ڪرڻ. مار ڏيئي سڌو ڪرڻ.

کنج کڻڻ؛ ٻانهون کنجڻ. وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ.

گنجرِي؛ ث (ف. خنجري) هڪ قسم جو ساز- دَفُ.

گنجَڻُ؛ م. ٻهراڻ يا چولي جون ٻانهون مٿي ڪرڻ. چِڪَ ڏيڻ. مار ڏيڻ.

گُنجَڻُ؛ م. چولي يا ٻهراڻ جون ٻانهون مٿي ڪرڻ.

گُنجِي؛ ث. ٺڪر جو ٺپو. لوهي ڪُپو- چِلَ.

گُنڊَ؛ ث. چُرچ- حرڪت- ڪشونس. جهيڙي جو بهانو.

گُنڊ گُنڊَ؛ ث. چور پچور. پچار. ريڙهہ پيڙهہ. ڪِر ڪِر. وِنئِو وِنڊِ- چورا ڪورا.

گنڊائِي؛ ث. کنڊي تي وکر وٺندڙ يا جنهن کان کنڊي تي اُڌارو وکر وٺجي.

گنڊو؛ ذ. اوڌر تي ورتل وکر جو حساب ڪتاب. کٽت- اوڌر.

کنڊو کڄڻ؛ ليکو لهڻ. حساب ڪتاب ختم ٿيڻ. اوڌر کڻي پاڻ کي سُڃو ڪرڻ. ڪنگال ٿيڻ. کُٽي وڃڻ.

گنڊِئِي؛ ص. کنڊائي.

گنڊِي؛ ث. پکين ڦاسائڻ لاءِ سِرڪ ساهِي. ٻاري ۾ پاڻي وهائڻ جو آواندو. لاڳيتو بيٺل جي سنگهر. پٽ جي اڏاوت جو سلسلو.

ڪُنڍُ؛ ث. ڪمند وغيره جي رس مان نهيل مٺائي– شڪر.
ڪنڍ پگهڙا؛ ذ. ڪنڍ چڙهيل پگهڙا.
ڪنڍ ڪائڻ؛ آسان ڪم ڪرڻ. بنان تڪليف جي حاصلات ٿيڻ. دل خوش ڪرڻ. ڀٽاڪ هٿي پاڻ پڌائڻ.
ڪنڍ ڪير ٿيڻ؛ پاڻ ۾ راس پاس ٿيڻ. هڪ ٻئي ۾ ملي وڃڻ. صلح ٿيڻ.
ڪُنڊُ؛ ذ. ٽُڪر– حصو– پاڱو. علائقو– ملڪ. گهڻن ملڪن جو جاگرافيائي ميڙ. وڏي ۾ وڏو ملڪ. ڪنهن وهڪري جو پگل بند– شگاف. ڀاڄ– رخنو.
ڪُنڊَ؛ ث. ڳولا– تلاش. ڪاٺي وغيره سان متاچري ڪوٺائي– ٿلهور. دل جي ڪوٺائي– دغا.
ڪِنڊارڻُ. ڪنڊائڻُ؛ م. پکيڙڻ. چڙوچڙ ڪرڻ. دالو دالو ڪرڻ. پکيڙڻ (ڪنب).
ڪُنڊائي؛ ث. دل جو ڪوٽ– ٻيائي– دغا. حسد. ڪدورت.
ڪُنڊِرُ؛ ذ. ڪريل جاءِ. اُجڙيل گهر. ڊٺل شهر.
ڪِنڊِرڻُ؛ م. پکڙجڻ– چڙوچڙ ٿيڻ. ڪٺو ڪٺو ٿي جدا ٿيڻ.
ڪُنڊَڻُ؛ م. ڪوٽڻ– ڳولڻ. ٿلهورڻ. ڪرڙڻ.
ڪنڊو؛ ص. مُڏو– ڪُند. دل جو پليت– بدنيت– بدخواه. مُنافق– بغضي– ڪِينو رکندڙ. (ث. ڪُنڊي).
ڪنڊوُ؛ ص. پِڏو– ڏندن پگل. ڦَدو– ڀِبو.
ڪُنڊِي؛ ث. آٽ مَنَ تورَ.
ڪِنڊيرڻُ. ڪِنڊيڙڻُ؛ م. پکيڙڻ. چڙوچڙ ڪرڻ. ڪٺو ڪٺو ڪرڻ.
ڪُنس؛ ث. نفرت– حقارت. عداوت. حسد.
ڪنگهه؛ ث. نڙيءَ جي خشڪي سبب ڪنگهڻ جو عمل.
ڪنگهڪارُ؛ ث. هلڪي ڪنگهه. ڪنگهڻ جو عمل.
ڪنگهڪار ڪرڻ؛ تيان ڇڪائڻ يا اشارو ڪرڻ لاءِ آهستي سان ڪنگهڻ.
ڪنگهارُ؛ سنڌ جو هڪ سومرو حڪمران ڄام ڪنگهار. (ص) سورهيه.
ڪنگهارڻُ؛ م. آگهارڻ– وڇورڻ (پاڻيءَ سان). متاچرو ڌوئڻ.
ڪنگهڙ؛ ث. ڪُوري ۾ زياده پڪل يا سڙيل سِرَ. لوهار جي ڪُوري جي تر ۾ گڏ ٿيل ڪٽُ.
ڪنگهڻُ؛ م. زور سان نڙيءَ مان هوا ڪڍڻ (بلغم ڪڍڻ يا نڙي خشڪ ٿيڻ سبب).
ڪِنگهو. ڪُنگهو؛ ص. پاڻيءَ جهڙو– پَتڙو– ڇڊو (پاڻي، رسُ، شربت وغيره).
ڪنو؛ ذ. تلوار– ترار– ڪڙڳ. ترار جو هڪ قسم.
ڪِنوائڻُ؛ م. ڪِنوڻ ٿيڻ. ڪنوڻ وانگر چمڪاٽ ڪرڻ.
ڪِنوَڻ؛ ث. وِڄ– برق.
ڪُنهَر؛ ث. ڪنهن جي خواهش– خارش– ڪاڄي.
ڪُنهَڻُ؛ م. ٽُنهن يا آگر سان رهڙڻ. خارش واري هنڌ تي آڱريون گهَڻ. رَهَڻ– گسڻ. رُهنبا پائڻ.
ڪُنيِ؛ ث. جَوَن يا ڪڻڪ جو اٽو. ڏريل ٻاجهري جو پلاءُ.
ڪِنياتو؛ ذ. 'ڪِين خير' جي خبر ڏيندڙ (رسمي طور 'ڪانءُ').
ڪُوُ؛ ذ. نانگ جو هڪ قسم (ڪِرڙي جي قسم جو زهري نانگ).
ڪِوَ؛ ث. ڪِن– لحظو– اک ڇنڀ.
ڪِوِ؛ ث. تيل واري مَرُ. بدن تي چڙهيل تيل واري مَرُ.
ڪُوُ؛ ذ. مقرر مدو– مقرر مُدت وارو عرصو. انجام– واعدو. پرت جو هڪڙو خانو. ٽاڪو. ڇت جي اڏاوت ۾ ٻن ڪامَن جي وچ واري وِٿي. پاڱو– حصو.
ڪُلهي ڪُٺائڻ؛ انجامن يا وعدن وارا بهانا ڪُٺائڻ. لاجواب ڪرڻ. واعدن ۾ ڪوڙو ڪرڻ.

ڪَٽائِي، ڪَٽائِي؛ ث. ڪٽائڻ جي مزوري. ياڙو.

ڪَٽَتِ؛ ث. اوتر- رڪت.

ڪٽت ڪٽائڻ؛ اوتر تي مال ڏيڻ. ڪنڌي تي ڏيڻ.

ڪُڦسِ؛ ث. چُرچ- ڪڦنس- حرڪت- ڪُنس.

ڪِڙِ ڪِڙِ؛ ث. گهنٽيءَ يا سِڪَن جو آواز- ڇِڻ ڇِڻ.

ڪَڍَڻُ؛ م. مٿي ڪرڻ- اوچو ڪرڻ. چُوندڻ. ترقي ولائڻ. قبول ڪرڻ (ذميداري) ناهڻ (پِٽ، جاءِ). برداشت ڪرڻ (مصيبت). ڪٽي هلڻ (جنازو). چِهڻ (انگ، پاڻي، اٽ). ڪائڻ (قسم). چِڪڻ (ساه).

ڪڻي اچڻ؛ وٺي اچڻ. چورائي اچڻ. ڀڄائي اچڻ (ٻانهن).

ڪڻي مارڻ؛ مٿي ڪٽي هيٺ اڇلائڻ. ماري ڇڏڻ. زير ڪرڻ- دسڻ.

ڪوٻلو؛ ذ. ٻيل گاڏي يا دروازي ڪي قابو جهلڻ جي هڪ ڪائي. (ص) وچ ڪٽيو- دَلو. (ث. ڪوٻلي).

ڪُوٻو؛ ذ. رستي ۾ کڏو. چَلهو.

ڪوتو؛ ذ. ڪودو.

ڪوٽِ؛ ث. ڪپڙي، سُٽ وغيره جا ٻچيل ذرا.

ڪوٽِ؛ ث. توراٽي- ڪمي. گهٽتائي- اڻاٺ. قلت. نقصان- ڇيهو- گهاٽو.

ڪوٽِ وجهڻ؛ نقصان وجهڻ- گهاٽو وجهڻ.

ڪوٽُ؛ ذ. ملاوت. ٻيائي. دغا- دولاب. ڪُپت. نقص.

ڪوٽپائِي؛ ث. ڪوٽ- ٻيائي- ڪُپت.

ڪوٽُ ڪرڻ؛ برائي ڪرڻ. دغا بازي ڪرڻ. نقصان پهچائڻ.

ڪوٽائِي؛ ث. ڪوٽڻ جو معاوضو.

ڪوٽائِڻُ؛ م. زمين اُکيلائڻ. کڏ ڪرڻ. قبر ڪوٽائڻ.

ڪوٽائِي؛ ث. ڪوٽڻ جو ڪم. ڪاٽي جو ڪم. ڪمي- گهٽتائي. ٻيائي- دغابازي. ڪوڙائي.

ڪوٽِڻَ؛ م. ڪوڏر سان زمين ۾ کڏ ٽيڻ. اُکڙڻ.

ڪوٽِڻُ، ڪوٽِڻُ؛ م. وَلڻ (زمين). اکوڙڻ (وڻ، پاڙ وغيره). ڪاٽي ڪرڻ.

ڪوٽو؛ ص. ملاوتي- مَٺ وارو. جڙتُو- ڪوڙو- نقلي. بيوفا. دغاباز. ڪُپتيو. (ث. ڪوٽي).

ڪوٽو ڳرو؛ ص. چڱو مدو- بُرو ڀلو.

ڪوٽي ڪري؛ ث. خراب ڳالهه. غلط ڳالهه.

ڪوٽِي ڪرڻ؛ سيڙائڻ- بي فائدو وقت وڃائڻ.

ڪوٿهڙو؛ ذ. ڪائي وغيره سان زمين جي مٿاڇري جي ڪوٽائي (عام طرح ڪڪڙ، تتر وغيره ڪوٿهڙو ڪري).

ڪوپرو؛ ذ. ناريل. ڏونگهيءَ جو تيلُ.

ڪوپرِي؛ ث. ڪيپراٽي. مٿي جي هڏي. مغز.

ڪوپو؛ ذ. ناريل جي کل- ڏونگهو. ڍڳي جي اکيءَ تي چاڙهڻ جو ڍَڪُ- اکياڙي. ڪنهن بہ شيءِ بند ڪرڻ جو دٻلي جهڙو ڍڪ.

ڪوڄَ؛ ث. ڳولا- ووڙ. جاچنا.

ڪوڄ لڳائڻ؛ پتو لڳائڻ- تفتيش ڪرڻ.

ڪوجا؛ ذ. "اسماعيلي" مَت جا پيروڪار.

ڪوجِنا؛ ث. پتو- نشان. تحقيق. ڳولا- جستجو. دريافت- ايجاد. ڪوج- ڳولاڦولا.

ڪوجَڻُ؛ م. ڳولڻ- ڳولا ڪرڻ. ووڙڻ. دريافت ڪرڻ.

ڪوچِرو؛ ص. خوامخواه دخل ڏيندڙ. شرارتي- حرڪتي. اٽوڻترو.

ڪودو؛ ذ. گَڏه جو نر ڦرُ- ڪوتو. (ث. ڪودِي).

ڪُورو؛ ذ. باهہ جو وڏو مَچُ- آڙاهہ. ڀَٺي (شراب، سِرن، چُن وغيره جي). لوهار جو مچ. آوي- نِهائِيءَ (ڪنڀار جي).

ڪُورِي؛ ث. ننڍو ڪُورو. مَچُ.

ڪوڙَ؛ ث. رَڱيل يا ڇُريل ڪپڙي ڪي ڏُڳري سان سٽي سَر ڪڍڻ.

ڪوڙَ ڏيڻ؛ ڪوري يا رڱيل ڪپڙي ڪي سٽي سَر

ڪڍڻ ۽ ٺهه ڪرڻ.

ڪوڙ ڪاڻڻ: تاس راند ۾ پٽن هوندي سوندي ٻيو پتو لهي ڏيڻ.

ڪوڙو: ذ. ڍڳ- ڍير- انبار. (ص) گهڻو- زياده. بي انداز.

ڪوڙڻُ: م. اُيو ٻيهارڻ- ٺابو ٻيهارڻ. ڪُپائڻ. ٺوڪڻ. ٺهڪائڻ.

ڪوڙو: ذ. ضرب جي جدول. انبار. اُيا ڪري ٻيهاريل ڪانن جي ڏَن.

ڪوڙو ڀڃڻ: راز سَلڻ. مسئلو حل ڪرڻ.

ڪوڙِي: ث. اَنّ جو ڍڳ. ڍِڳي. سَٿِي. تجارتي اُٺن جي قافلي جي جهوڪ. شهر ۾ اُٺن جي ويهڻ جو مقرر هنڌ.

ڪوسا: ذ. بلوچن جي هڪ ذات.

ڪوسِڙو: ذ. پُرالو چنل پادر.

ڪوڪِلو: ص. خالي- ٺلهو. پورو (اندران خال وارو).

ڪوڪو: ذ. ڪاٺيءَ جي صندوق جهڙو باڪس- پيٽي. (ص) خالي- ڪوڪلو.

ڪولاٽدَرُ: ذ. ضامن- جوابداري کڻندڙ- ڪفيل. (ث) ضمانت. عيوضو.

ڪولاڻِڻُ: م. ظاهر ڪرائڻ. پوريل در وغيره پٽائڻ.

ڪولِڙُ: ص. ڪَلّ وارو- ڪولُو.

ڪولڻُ، ڪولِڻُ: م. پَٽڻ- اُپٽڻ. ظاهر ڪرڻ- پڌرو ڪرڻ. ٿاڙڻ. ڀڃڻ. اُڪوڙڻ. سلجهائڻ. ڇڏڻ- آزاد ڪرڻ. رها ڪرڻ. ڪشادو ڪرڻ. ڇوڙڻ (روزو).

ڪولو: ذ. ڪل- چمڙي (جيڪا ٺهر وهارڻ مهل وِڍي ڇڏجي).

ڪولُوُ: ص. ڪل وارو. اڻ ٺهريل.

ڪولِي: ث. ننڍڙي ڪوٺي (جيل جي).

ڪُومو: ذ. ڪپڙي سڙڻ جو دونهون يا ڏَپ. هڪ قسم جو ٻانڌي پکي.

ڳوڻٽو: ذ. چوپائي کي ٻڌڻ لاءِ زمين ۾ کُتل ڪِلو.

ڪُونڏَ: ث. روڙَ- پَٽ ڪوهَه.

ڪُونڊائِڻُ: م. پَٽائڻ- چِناٺڻ. روڙائڻ.

ڪُونڏڻُ: م. پَٽڻ (وارَ. ڪنب). چِنڻ- روڙڻ.

ڳونرُ، ڳُٺُونرُ: ذ. ڪنهن ٻه وڻ جي ٽُڙَ مان نڪرندڙ لِڳِلڳدار رَسُ (جنهن ۾ چنبڙڻ جي خاصيت هجي).

ڪوَنسَ، ڪُٺُونسَ: ث. ڪُنڌ- حرڪت- چُرچ. مستي- شرارت.

ڳونس لِٿائي: هٽ چراند. حرڪت- شرارت.

ڪونس ڪرڻ: حرڪت ڪرڻ- چُرچ ڪرڻ- شرارت ڪرڻ. هٽ چُراند ڪرڻ.

ڳونسَڻُ، ڳُٺُونسَڻُ: م. چُرچ ڪرڻ- ڪُنڌَ ڪڍڻ. جهيڙي لاءِ بهانو ڳولڻ.

ڪونگهرو: ذ. ننڊ ۾ نڙيءَ مان نڪتل ساهه کڻڻ جو آواز.

ڪونگهرا هڻڻ: ننڊ ڪرڻ. بي اوناٺي سان سمهڻ.

ڪِوَڻِ: ث. وِڃ.

ڪُوڻِ: ث. پاسو- طرف. ڏِسَ واري ڪُنڊ.

ڪُوهُه: ذ. چاهه- ٻيرُ (زمين ۾ گول کڏ ڪوٽي، ان ۾ ڪاٺيءَ جو چَڪُ رکي، مٿان پڪين سرن جي گولائي ۾ اوساري کڻن، ۽ ان بعد آهستي آهستي چَڪ جي هيٺان مٽي ڪڍي چَڪ لاهيندا ويندا ۽ مٿان اوساري ٻڌندا ويندا).

ڪوهه ۾ ٽپو ڏيڻ: جوکي جهڙو ڪم ڪرڻ. نقصان وارو ڪم ڪرڻ.

ڪُوهاڏو: ذ. نار يا هُرلي لاءِ کوٽيل کڏ.

ڪُوهَرَ: ث. هيناهين زمين يا درياه جي سڪل پيٽ ۾ کوٽيل ڪچي کُوهي.

ڪوهِڻُ: م. پَٽڻ (وار). ڪُونڏڻ. روڙڻ. سَٽڻ. پِچڻ. ٿاڌي مار ڏيڻ.

ڪوه: ظ. ٻَنِ- کڏ ۾- ڪوهه ۾.

ڪوڏُ، ڪوڏِيڏُ: ذ (ف. خويد). جَوَن جي پوک جا

آئيون- ڪِيرا (جيڪي ڳهوڙن کي ڪارائين).
ڳَهِ: ث. خارش- ڪاڄي- ڪنهر.
ڳِهَ: ث. مٽي. خاڪ. ڌَڙَ- ڌُوڙ.
ڳُهُ: ذ. ڳُوهه. ڳُهاڙو. اُونهي ڳَڌ.
ڳُهه پوڻ: ڳوهه ۾ پوڻ. چٽ ٿيڻ. ڳڌ ۾ پوڻ.
ڳُهاڙو: ذ. اونهيءَ ڳڌ جنهن تي هُرلو چڙهي.
ڳُهجَڻُ: م. ٽڪجڻ- هجڻ. ماندو ٿيڻ. ورچڻ.
ڳَهُرائي: ث. مزاج جي سختي. سطح جي ناهمواري.
ڳَهرُو. ڳُهرو: ص. ڪڙيڙ وارو- ناهموار. سخت سطح وارو. تيز طبع- ڪَرڙو. (ث. ڪهري).
ڪهرو ڳالهائڻ: ٺاڍي ڳالهائڻ. ڪاوڙ سان ڳالهائڻ. تکو منو ٿيڻ.
ڳُهنبا: ذ. زالائا. شادي جي ستين مهيني ڪنوار جي هڪ رسم.
ڳُهنبائِي: ص. ڳُنب چاڙهي ڪپڙا رڱيندڙ- نيروٽي- رنگريز. هڪ ذات جو نالو.
ڳُهنبو: ذ. هڪ قسم جو ڳاڙهو ڪپڙو. چُريل ڪپڙو (پانڊلو وغيره). ڪُڪڙ جو هڪ قسم. (ص) ڳاڙهو- ڪيسر جي رنگ جهڙو. (ث. ڪهنبي).
ڳَهَڻُ: م. ڳسَڻ. چُراند ڪرڻ. وڙهان وِڙهان ڪرڻ. هرويرو ڪُند ڪڻ. وڙهڻ لاءِ بهانا ڳولڻ. جهيڙو ڪرڻ.
ڳُهَڻُ: م. ٽڪجڻ. ورچڻ. ڇُور ٿيڻ (ٽڪ ۾). ماندو ٿيڻ. ڪُني وجڻ- ڪنگال ٿيڻ.
ڳهو: ذ. ڏر ڪوٽڻ لاءِ وڏو ڊگهو رنبو. وڏو ڪهيڙو.
ڳِهي: ث. ٽِهي- وَهي. ڄمار- عمر. هائِي- جسم جي ٻيهڪ. جواني- رَٽي. ڪاڄي- خارش. پوک واري زمين مان ٻُوٽا اُکيڙي ڪَڍڻ لاءِ ڊگهي ڳن سان رَنبي.
ڳِهِي: ث. صفت ٽڪل. سائي.
ڳهيڙو: ذ. ڊگهي ڳن سان رنبي جهڙو هڪ اوزار (جيڪو ٻنيءَ مان جهنگ ويڻ جي ڪم اچي).
ڳُهَيلُ. ڳُهِيو: ص. ٽڪل- وِرتل. هيٺو. بيزار. بدحال. ڪنگال.
ڪِٿَڻُ. ڪِيَڻُ: م. ڪائڻ. ڳڙڪائڻ. واپرائڻ (ڪاڌو). (ذ) ڪاڌو- ڪاڄُ- طعام.
ڪِٿو. ڪِيو: ص. نشي ۾- خماريل. مست- الوٽ.
کي: حرف جر. ڏانهن- طرف. وَٽ- پاسي.
ڪِيانتو: ذ. ڪين خير جي خبر ڏيندڙ. ملاقات جو سَوَڻ ڏيندڙ قاصد (ڪانءُ).
ڪيٽُ: ذ. ٻني- پوک- ڪيٽُ. پوک واري زمين.
ڪيٽِي: ث. پوک- فصل. آبادي. ٽنڌو- گذران. عادت- ٽيٽي- روزمره جو وهنوار.
ڪيٽُ: ذ. ڪيٽُ- پوک- ٻني- فصل. اهما ايراضي جيڪا پوک هيٺ آيل هجي.
ڪيٽو: ذ. ضد- تيسو- گهيي. ٻار جو رسامو- ڪروڌ. ڪِل ڪِل- ڪٽراڳ.
ڪيپَ: ث. سامان- بار (تجارت جو). هڪ واري ۾ آيل مال. جهاز يا ٻيڙي جو پُور.
ڪيپ ڳٽڻ: نفعو ڪمائڻ. سوداگري مان ڪمائڻ. سوپ ڪرڻ.
ڪيپُ: ذ. نشو- خمار. نشي جو سُرور. خُمار جي موڳائي.
ڪيپُ چڙهڻ: نشو چڙهڻ- خمار چڙهڻ.
ڪيپرائي: ث. ڪيپرائي- ڪوپري. مغز جو هڏي وارو پيالو.
ڪيچُ: ذ. هيڄُ- شوق. مائو- انگل. خوشي- موج.
ڪيچ ڪٽڻ: انگل پورو ڪرڻ. سوپ ڪرڻ. فائدو حاصل ڪرڻ.
ڪيچَلَ. ڪيچلائي: ث. ڪوُنس- حرڪت- مستي- شرارت. مسخري. چلولائي.
ڪيچلو: ص. حرڪتي- مستي خور- شرارتي.

چلولو. (ث. کيچلي).

کِيچو: ذ. چانورن جي رب يا اٽي مان ٺهيل پاپڙ (جيڪو تيل ۾ تري کائجي).

کيدو: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

کيڏ: ث. راند. اٽڪل- حرفت. چالاڪي. رمز- ٽِل. هٽ ناٽ.

کيڏاري: ص. رانديگر. چالاڪ- تجربيڪار. حرفتي- اٽڪلي.

کيڏائڻ: م. راند ڪرڻ- ڪُڏائڻ. وندرائڻ.

کيڏڻ: م. راند ڪرڻ. راند رهڻ. ڪُڏڻ. وندرڻ. ٽينگ ڏيڻ.

کيڏونو: ذ. راند جو بال- ڏڙهو- کينهُون.

کيرَ: ث. نسل- پيڙهي- ڪيڙ- پُهائي. اصل نسل- ٽولي- جماعت- ساٿ.

کِيرَ: ث. مبارڪ- واڌائي. ڪپڙي جي ٻن ڌرن کي ملائڻ واري ڪِيلَ.

کِيرَ مبارڪ: ث. خوشيءَ جي واڌائي.

کِيروُن: ث. مبارڪون- واڌايون.

کِيرُ: ذ (ف. شِير) ٿڻن مان نڪتل اڇو پاڻي- شيرُ. ٿڃ. وڻن ٻوٽن جو کير جهڙو رَسُ.

کِيرُ پُٽَ: ذ. آل اولاد. مال ملڪيت.

کِير پياڪُ: ص. ٿڃ ڌائيندڙ- شيرخوار.

کِيرَ ٿَرُ: ذ. سنڌ جي الهندي پاسي وارن جبلن جي قطار.

کيرولِ: ث. هڪ قسم جو وڻ ۽ ان جو ڦل. ٿر ۾ ٿيندڙ هڪ ول ۽ ان جو ڏٿ.

کِيرولِي: ث. هڪ قسم جي ول.

کِيرُ کَنڊُ ٿيڻ: صلح ڪري هڪ ٿي وڃڻ. پاڻ ۾ رَلِي پرچي وڃڻ. ناهه ٿيڻ.

کِيرَ ٻُڙو: ذ. مٺائيءَ جو هڪ قسم (مائي مان ٺهيل پيڙا).

کِيرَ مُنڊِي: ث. ڳهه جو هڪ قسم (ٽِڪَ سان چانديءَ جي منڊي جيڪا شاديءَ ۾ ويڙهه سان گڏ ڪنوار کي پارائين).

کِيرِڻي: ث. کير ۽ چانورن مان ٺهيل مِٺو کاڌو- شيرِيني.

کِيرو: ص (ف. خيره) سالو- بي حس (جسم). موڳو- واٽڙو.

کيرو: ذ. ڪچڙن سنڱن ۾ کير جهڙو پيدا ٿيل ڳُودو. (ص) کيرپياڪ. وهٽن جي ڪاڏي لاءِ سائي ٻاجهر يا جوئر جو چارو. پلي جو هڪ قسم- نر پلو.

کِيرِي: ث. ڇوٽِائي جي ٿڻن وارو گوشت.

کيڙ: ث. ٻنيءَ ۾ آيل هر- کيڙيل زمين- کيڙي.

کيڙائِڻُ: م. زمين کي هر ڏيارڻ.

کيڙڻُ: م. زمين کي هر ڏيڻ. زمين اُٿلائڻ. ڳولڻ- جستجو ڪرڻ. ووڙڻ.

کيڙو: ذ. وڏي ڀال- سِپَر.

کيڙِي: ث. هر آيل زمين. کڙيل زمين (جنهن ۾ آبادي نہ هجي). چاڪ يا ڇُن واري زمين جو قسم. ڀال- سِپَر.

کيڙِي ميڙي: ث. پگهر جو پورهيو- بچت سچت. ڪُل مال ملڪيت.

کيسُ: ذ. ٿلهي ڪپڙي جي خاص قسم جي اُناوت واري چادر (جيڪا وڇائڻ ۽ اوڍڻ جي ڪم اچي).

کيسانو: ذ. شهر نصرپور جو ٿنڌي جي اعتبار سان نالو. کيسن ناهڻ وارو شهر. حيدرآباد ضلعي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

کِيسو: ذ (ف. ڪِيسَہ) قميص يا ڪوٽ وغيره جو ڳُوندو- جيب- گِيدو.

کيسو کولڻ: سخاوت ڪرڻ- دل کولي خرچ ڪرڻ.

کِيسي ۾ هڻڻ: نہ ليکڻ- پرواهه نہ ڪرڻ.

کِيڪَ: ث. ناٽي جي ٽيلهي- هميائي.
کِيڪارَ، کِيڪَرَ: ث. ڀليڪارَ- خوش خير عافيت.
آجيان- خوش آمديد. مزاج پرسي. آدرڀاءُ.
کِيڪارَڻُ: م. آدرڀاءُ ڪرڻ- ڀليڪار ڏيڻ- آجيان
ڪرڻ- مرحبا چوڻ. خوش آمديد ڪرڻ.
کيکِڙاٽُ: ذ. گدڙ لومڙ وغيره جون اُناڙون- ڏنـدن
ڪڙڪائڻ جو آواز.
کيکڙاٽ ڪرڻ: ڏاسڻ کان پوءِ منٿون آزيون ڪرڻ.
کيکڙو: ذ. هڪ قسم جو ساموندي جيت- سرطان (ع).
کِي کِي: ث. کِلڻ جو اڻ وڻندڙ آواز. اجائي کِلَ- کِچڪو.
کيلُ: ذ. تماشو- بازي. ناٽڪ. وندر. راند- کيڏ.
کِيلَ: ث. چادر يا اجرڪ وغيره جي ٻنُ پڙن کي پاڻ ۾
ڳنڍڻ لاءِ خاص قسم جو رنگين يا اڇو بخيو.
کيلڻُ: م. کيڏڻ- راند ڪرڻ. کيل ڪرڻ- تماشو
ڪرڻ. وندر ڪرڻ. راند روند ڪرڻ.

کِيلڻُ: م. کيلَ هڻڻ (چادر يا اجرڪ جي پڙن کي).
کِيمَ: ث. خوشي- ڀلائي. عافيت- خيريت. سک سهنج.
کِينجهو: ذ. پاڻي جي وهڪري ۾ پيل کنهن وڻ
جون ٽاريون. ٽڙ وغيره جيڪي وهڪري کي رنڊائين.
کِينچَڻُ: م. ڇِڪڻ- تاڻڻ. اينگهاڻڻ.
کِينسَ: ث. کوُنس- هٽ چراند- حرڪت- شرارت.
کِينڪارَ: ث. ڀليڪار- خوش مرحبا- کِيڪَر.
کِينڪارڻ: م. کيڪارڻ- ڀليڪار ڏيڻ. خوش مرحبا ڪرڻ.
کينهُون، کينهُوڙو: ذ. سُٽ ۽ ڪپڙي مان لهيل
بال- ڏڙهو.
کِيَڻُ، کِيئَڻُ: م. کائڻ (طعام، قُوت). چوڳو ڪرڻ.
کيڻُ: ذ. کاڌو- طعام- قُوت- خوراڪ- غذا- چوڳو.
کِيو، کِئو: ص. نشي ۾ خماريل- مخمور. متوالو.
کيهَ: ث. کِه- دَز- مٽي- ڌُوڙ- رک.

گ

گ: ذ (اُچار 'گاف') سنڌي الف- بي جو ايڪيتاليهون
اکر. فارسي جو چوويهون اکر.
گاباڙُ: ص. گابا چاريندڙ.
گابو: ذ. ڳئون جو ٻَچُ. (ث. گابي).
گاٽِ: ث. ڳسڻ يا گهڄڻ سان ٿيل نشان. چٽو- گاٽ
جو رهڙو.
گاجَ: ث. گوڙ (ڪڪرن جي). گجڪارَ (پاڻيءَ جي).
وڏو آواز.(گاج نشين = وڏي گوڙ واري). تيلي ٻج.
سَرنهن جو هڪ قسم. گجي- جَهگَ.
گاجُ: ذ (انگ) هڪ قسم جو سنهون سوٽي ڪپڙو.

گاجِرو: ذ. پٽاٽي گجرن جو ساٿو گاهه- گجرن جا پنَ.
پرت پريل ڪپڙي جو هڪ قسم.
گادِي: ث. ويهڻ لاءِ ڪپڙي جي پراءُ وارو گاديلو-
گدِي. مسند- تخت. حڪومت جي نشست. گهوڙي يا
اُٺ جي سنجن ۾ پاسي کان ڏيڻ لاءِ ننڍو وهاڻي مثل
گاديلو.
گادي، تي ويهڻ: مسند نشين ٿيڻ- تخت تي ويهڻ.
وارث ٿيڻ.
گادي نشين: ص. تخت تي ويٺل. مسند تي ويٺل.
گاديلو: ذ. چمڙي يا ڪپڙي جي ٿلهي گادي. پلنگ

تي وڄائڻ لاءِ ٺلهي پتراڻي. وڄائڻ لاءِ وڏو وهانو.

گاڙُ، ص. گاڏي هلائيندڙ– گاڏيرُ. پکيءَ جو هڪ قسم.

گاڏڙُ، ص. گڏيل– گڏوچڙ. ملاوتي.

گاڏڙ ساڏڙ، ص. گڏيل– مرڪب. اڻ خالص.

گاڏو، ذ. ڦيٿن تي هلندڙ ڪاٺ يا لوهه جو دٻو. ريل گاڏيءَ جو دٻو. بار ڍوئڻ لاءِ ڇڪڙو. ننڍي گاڏي (ٻارن جي).

گاڏو ڏِڪڻ، ڏکيو سکيو وقت گذارڻ. جيئن تيئن ڪري گذر سفر ڪرڻ. حياتي جا ڏينهن پورا ڪرڻ.

گاڏِي، ث. ڦيٿن تي هلندڙ سواري (بيل گاڏي، گهوڙي گاڏي، ريل، موٽر وغيره).

گاڏِيرُ، ص. گاڏي هلائيندڙ (عموما بيل گاڏي).

گاڏي واهُ، ص. گاڏي هلائيندڙ (عام طرح گهوڙي گاڏي).

گاڏِيلي، ث. بدن جي عضون جي سهڻي بيهڪ واري زال– سهڻي موڪري بدن واري زال.

گاذُرُ، گازُرُ، ص (ف) ڪنٽي– ڌوٻي.

گار، ص (ف) ڪندڙ. ٺاهيندڙ. وارو (لفظن جي آخر ۾ ايندڙ صفاتي پڇاڙي (جئن خذمتگار، گنهگار، يادگار وغيره).

گارِ، ث. فحش ڳالهه. بد زباني– دُشنام. طعني ۽ ويڻ جو ڳالهه.

گارِگند، ث. بدزباني– فحش ڪلامي– دشنام طرازي.

گارڊُ، ذ (انگ) محافظ– پهريدار. پهرو ڏيندڙ سپاهي. ريل گاڏيءَ جو هڪ عملدار.

گارو، ذ. گڏيل مِٽي (راڳي لاءِ). گپ. ٻه ملايل پنجهو.

گارُوڙِي، ذ. نانگ پاليندڙ. نانگ جهليندڙ. نانگن جو زهر ڪڍندڙ. ڪکيل تي جهاڙ وجهندڙ– ماندرو. ماهر جوڳي (پِريي جوڳي جو لقب 'پِريو گاروڙي'). وڏو نشي باز.

گاسِ، ث. گاٺِ. ڇيهو.

گاسِ پيسِ، ث. گاٺ مان ٿيل نقصان. لاهه پاهه وغيره مان ٿيل نقصان.

گاسِليٽُ، ذ. هڪ قسم جي پاٿيٽ جيڪا ٻرڻ جي ڪم اچي.

گاسو، ذ. گاٺ. ڪَسُ– ٽوٽ. نقصان.

گاشو، ذ (ع. غاشيه) اٺ جي پاکڙي تي وجهڻ جو ڪپڙو.

گاگِڙو، ذ. آنُ وائرڻ لاءِ وڏو ڇَڄُ.

گامُ، ذ (سن. گرام) ڳوٺ– واهڻ. نڪالو– رهائش.

گاموٺي، ص. ساڳئي ڳوٺ جو رهاڪو– ڳوٺائي.

گامُ، ذ (ف) قدم– وِکَ.

گامزن، ص. پنڌ ڪندڙ. تکو هلندڙ.

گامَڻُ، ص. سچار– سچ ڳالهائيندڙ. مشهو[illegible]خ ڪردار جيڪو سچ ڳالهائيندو هو ۽ عام طر[illegible]گامو سچار" جي نالي سان مشهور هو.

گامو، ص. وک وجهندڙ– تيز هلندڙ .(گامُ– وِک– قدم.

گانِيا، ذ. ٻيس مان ٺهيل ٿلها مُرملا.

گانجو، ذ. ڀَنگ جي ٻج مان ٺهيل هڪ نشيدار شيءِ (جيڪا موالي سُلفي ۾ وجهي پيئن).

گانِ غلامي، ث. ٻانهپ. حدکان زياده خدمت. خوشامد.

گانڊَڙُ، گانڊُو، ص. گيدي– بزدل.

گانڊِجڻُ، م. ڳنڍجڻ– وچڙڻ. منجهڻ (سُٽ). مِلڻ.

گانگٽُ، ذ. کاري (سمنڊ) جو هڪ جيت (جنهن جو گودو رڌي کائجي)– جهينگو– ڪَڪر.

گاهو، ث. ڏِکي– ڳِٺون.

گاهُ، ذ. ڳوٺ– واهڻ.

گاهه کاتو، ذ. قيدين جي حفاظت وارو پوليس کاتو.

گاه، ذ (ف) هنڌ– جاءِ– جڳهه. وقت– ٽائو– مهل.

گاه بيگاه، ظ. وقت بوقت. مهلو ڪُمهلو. هروقت.

گامي گامي: ظ. ڪڏهن ڪڏهن- بعضي بعضي. ڪنهن تصاني- اتفاق سان.

گاهُ: ذ (ف. گياه) ساوا يا سُڪل ڪک ڪانا. مال جي چاري لاءِ ڪک ڪانا.

گاهه دائو: ذ. چوپائي مال جو چارو.

گاهه کائڻ: جانورن وانگر ٿيڻ. بيوقوفي جو ڪم ڪرڻ. اجائي ڳالهه ڪرڻ.

گاهي: ص. گاهه ڪندڙ. گاهه وڪڻندڙ. (ث. گاهياڻي).

گاهِلو: ذ. ڳاهٽ- هجومُ- انبوهه. هُل هنبس. ماڻهن جو هُل ۽ گهڻائي.

گاءِ: ذ. مستي. آڪڙ- وڏائي- غرور- فخر.

گائڪُ: ص. راڳي- گويو- ڳائڻو.

گاڦون ماڻوه ٿيڻ: منجهڻ. دل من هڻڻ. ڏِجڻ ۽ دٻ ڪرڻ.

گٻُ: ذ. ڍنڍن ۾ مڇيءَ جو ڪاتو.

گٻجَڻُ: م. ڪنهن ڪاڏي جي شيءِ جو سينوارجي ڦُنڊڻ ۽ بوڙيا ڪرڻ.

گبَرُ: ذ (ف) آتش پرست پارسي (ايران جو رهاڪو). (ص) وڏو مالدار ۽ مغرور. (اسم خاص) ماڻهوءَ جو نالو.

گبرو: ص. جبرو- زور وارو- ڳرو. ڏايو.

گبَرو: ذ. جهنگ يا جبل ۾ چوپائي مال لاءِ برسات جي بچاءَ ٺهيل اجهو. اولو- ڍڪ. اُس يا مينهن کان بچاءَ لاءِ آڏو ٽنگيل ڪپڙو وغيره. ٽلهي رلي.

گبِري: ث. بگري (بغلي). فقيراڻي گودڙي. پراڻا ڪپڙا.

گٻڻُ. گٻهڻُ: م. جهڳورڻ- لٻڻ. جُونو ڪرڻ (ڪاڏو). ڪِنو ڪرڻ. ڪنهن ڪاڏي جي شيءِ ۾ هٿ وجهي گڏڻ. جُهٻڻ.

گبولَ: ذ. بلوچن جو هڪ قبيلو.

گتَ: ث (سن) چال. حرڪت- حالت. عادت- خوءِ- خصلت. هيرَ. ڍنگ. رسم. ارڪان. سازن جي هڪ وڄت.

گتَلُ. گتو: ص. قاتل. پابند. مشغول.

گتو: ذ. ٿلهي دفتري- پاٺو.

گٿو: ذ. نشيدار شيءِ (آفيم. ڀنگ. شراب) جي وڪري جو دڪان- پُٽو.

گتهوالُ: ص. گتي وارو- پتي وارو.

گتِي: ث. محتاجي- غرض- لاچار. ڪاڄ- حاجت.

گتي پوڻ: ڪم پوڻ- ضرورت پوڻ. محتاج ٿيڻ.

گٽلُ: ص. وِيَل- چٽ. گسِي ويل.

گِٽ مِٽ: ث. سمجهه ۾ نه ايندڙ ٻولي (عام طرح "انگريزي" ٻولي).

گٿڪِڙو: ص. ٻُت ۾ پريل ۽ ٿلهڙو- ڍينبڙُ.

گٿِ: ث. ڪَسِي -آڏ- نالي (ٻنيءَ کي پاڻي رسائڻ لاءِ).

گٿلِ: ص. پراڻو- جهونو- ڪم آيل. گسِي ويل- گاٺ پيل.

گٿل پيٺل: ص. جهونو- آزمودگار- تجربيڪار.

گپَ: ث. چِڪِڻ- راڙو. گارو. ڪوڙي ڳالهه. افواهه. ٻٽاڪ. بڪواس.

گپَ جو ڪِلو: ذ. بي زورو- بي پاڙو. پرمتڙيو. ڦرڙو گهرڙو (مزاج ۾).

گپا گِپهه: ص. ماڻهن جي ڳاهٽ- ڪُلهي گس. سوڙهه- پيڙ- هجوم.

گپاڻڻُ: م. گهيڙائڻ- هڻڻ (جسم ۾). گپ ۾ ڦاسائڻ.

گپتُ: ص (سن) لڪل- ڳجهو- پوشيدو. خفيه.

گپ چُپ: ث. مات ميٺ- خاموشي. لِڪ چپ. گُنگ ٻوڙ.

گپَ شَپ: ث. ٻٽاڪ سٽاڪ. کِل ڀوڳ. ڀاڙ ٻٽاڪ.

گپَڻُ: م. گپي پوڻ- گپ ۾ ڦاسڻ. ڪنهن ڪم يا مصيبت ۾ ڦاسڻ. گهڙڻ (جسم ۾).

ڳپوڙو، ذ. ڪوڙو افواهہ. بهتان. افواهي ڳالهہ. ڪوڙو دلاسو- ڏٽو.

ڳَجَ، ث. ڦِيڻ- ڳجي- جَهڳَ.

ڳَجُ، ذ. زناني چولي جو هڪ قسم- ڪنجرو. (سن) هاٿي- فِيل.

ڳجُ، ذ. پکيءَ جو پيٽ- معدو- ڳجي.

ڳج پرڻ، ڏنو ڪرڻ- پيٽ پرڻ. فائدو حاصل ڪرڻ.

ڳجَرَ، ث. هڪ قسم جو اوبڙ (ڀاڄي آچار وغيره ۾ ڪم اچي. ٻہ قسم؛ سنڌي پتائي ڳجر، ۽ لاهوري ڳجر).

ڳجَرِ، ث. سهڻي زال- حسين عورت. مينهن جو هڪ قسم.

ڳجَرَ، ڳوجَرَ، ذ. هڪ ذات ۽ قبيلي جو نالو.

ڳجرات، ذ. پاڪستان جي هڪ ضلعي جو نالو. ڀارت جي هڪ صوبي جو نالو.

ڳجَراجُ، ذ (سن) وڏو هاٿي- شاهي هاٿي.

ڳجرِي، ث. "ڳجر" قوم جي عورت. سهڻي زال- حسين عورت- ڳجَرِ. هڪ راڳڻي جو نالو.

ڳجَڪارَ، ث. شينهن هاٿي وغيره جانور جي وڏي رڙ. پاڻيءَ جي وڏي وهڪري جي گاج.

ڳجَگاهہ، ص. گهاٽو (جهنگ) اجهاڳ- تمام گهڻو يا تمام وڏو (جهنگ). وڏو پاڻي.

ڳجَگوڙَ، ث. ڪڪرن جي گوڙ. هاٿي يا شينهن جي گوڙ. ڳجڪار.

ڳجَموتِي، ذ. وڏو موتي.

ڳجَميرُ، ڳجَميلُ، ذ. رُڪ.

ڳجَڻُ، م. ڳجڪار ڪرڻ (شينهن) گوڙ ڪرڻ. ڳجگوڙ ڪرڻ. ڪاوڙ مان هڪلون ڪرڻ. ڳَڙڻ.

ڳجِي، ث. ڦِيڻ- جَهڳَ. کير صابڻ وغيره جي جهڳ.

ڳجِي، ث. پکيءَ جي ڳچيءَ هيٺيان گول ڳوٿري (جنهن ۾ چوڳو چُوٿو جهلي ۽ هضم ٿئي).

ڳجي ڦارڻ، حوصلو ڪرڻ. وڏي حوصلي وارو ٿيڻ. جگر ڦارڻ.

گَچُ، ذ (ف) چُن- سيڙهي (عمارتي ڪم ۾ ايندڙ). چُن ۽ ريتي جو گڏيل گارو.

گچڪارِي، ث. چُن جو ڪم.

گچَڻُ، م. گچي پوڻ- گپَ ۾ ڦاسڻ. گپ ۾ پيهي وڃڻ. گپَڻ.

گدُ، ث. وڻ جي گل يا ميوي جو رَسُ.

گِدَ، ث. گِڏ (اٽي ڏڪر راند ۾ ڪوٽيل ننڍڙي ڪڏ). ڪِل- سَچُ (بلورن راند ۾).

گدَا، ص (ف) فقير- پينُو- منگتو. (ث) پِنَ مَنگ- بيک. خيرات.

گداگرُ، ص. بيک وٺندڙ- خيرات وٺندڙ- پِنُو- منگتو.

گداگرِي، ث. پِنَ منگ- خيرات- گدائي- بکيا.

گِدائِي، ث. "گدڙ" جي مادي.

گدازُ، ص (ف) ڳاريندڙ. نرم. پگهريل- ڳريل. (ذ) ڳارو. سوز. نرمي.

گداز ٿيڻ، ڳرڻ- رِجڻ. نرم ٿيڻ.

گدامُ، ذ (انگ) ڪوٺي. وکار. ڀانڊو (وکر يا جنس رکڻ جو). انبارَ- ڍِڳُ. ذخيرو.

گِدامِري، گِدامِڙِي، ث. "آمري" جي وڻ جو ڦرُ- آمري.

گدائِي، ث. پِن- مَنگ- بيک- خيرات.

گِدرو، ذ. هڪ ول جو ڦرُ- خربُوزو.

گِدرِي، ث. ننڍو گدرو- ريڙ.

گِدَڙُ، ذ. هڪ قسم جو مشهور جهنگلي جانور- شغال- سِيارُ.

گدِ گدِ، ث. بي انتهائي خوشيءَ جي حالت.

گد گد ٿيڻ، خوشيءَ ۾ پنبڻ- نهايت ئي خوش ٿيڻ.

گدلائي، ث. ميرائي. ڪچرائي. گندائي. ڪِن ڪچرو.
گدلو، ص. گند غلاظت سان پريل. مٽيءَ هاڻو. ميرو.
ڪنو. غليظ- ڪچرو. (ث. گدلي).
گدڻ، مر. زور سان ڇُهائڻ- ڦسڻ. ڪنهن شيءِ سان نشان
ڪرڻ. ڏنڻ. زور سان پرڻ. زخم کي ڏيڻ.
گدو، ذ. گهٽي ڪيهه واري ٿلهي پٽرائي. گاديلو.
گدو، ذ. مُک- نُونشو.
گدوڙ، ذ (ع. غدود) رت پوڻ گڏيل مادو. جسم ۾
نرم مادي وارو وڏيل ڳوڙهو.
گدودي، ص. روڳي- ڪچرو.
گدي، ث. ننڍڙو گاديلو. گادي.
گِدي، ث (راند ۾) ڪُپت- ويساهه گهاتي.
گِديار، گِديڙ، ص. راند ۾ دغا ڪندڙ.
گِديخور، ص. گِديڙ.
گديا، ث. مقصد- ڇُت.
گديلو، ذ. گاديلو- گدو.
گڏ، ظ. ڀيڙو- ڀيٽ. ڇُت. شامل- شريڪ. گڏيل-
مليل. ساڻ. مجموعو. جملي.
گڏوچڙ، ظ. گڏيل- مليل. گاڏر ساڏڙ.
گِڏ، ث. اٽي ڏڪر راند لاءِ ڪوٽيل ننڍڙي کڏ- گِل.
بلورن راند جو سَچُ. ننڍي کڏ. زمين ۾ ڪوٽيل ننڍڙي اُکري.
گِڏ ۾ گِتل هئڻ، ننڍيءَ عمر جو هئڻ- نا بالغ هئڻ.
قد جو تمام ننڍو هئڻ.
گڏ، ث. فصل مان غيرضروري گاهه ڪڍڻ لاءِ رنبي سان
ڪوٽائي. ڏاڍي مار (جنهن ۾ هڏ گڏ ضربجي پون)-
ڦيهه ڪڍڻ.
گڏ ڪڍڻ، فصل مان رنبي سان ڪوٽي گند گاهه
ڪڍڻ. ڏاڍي مار ڏيڻ.
گڏائڻ، مر. ملائڻ- شامل ڪرڻ- ڀيڙو ڪرڻ.
ملاقات ڪرائڻ.
گڏائڻ، مر. ڏاڍي مار ڏيارڻ. ڪُٽائڻ سَٽائڻ.
گڏجاڻي، ث. ميل- ميلاپ. ملاقات. اجتماع. انتظامي
صلاح مصلحت لاءِ ميٽنگ.
گڏجڻ، مر. ملڻ- رلڻ ملڻ. ڀيڙو ٿيڻ. شامل ٿيڻ.
ملاقات ڪرڻ. يڪ مشت ٿيڻ. ڪيڪارڻ. شريڪ ٿيڻ.
گڏر، ث. هڪ قسم جو ڳُڙندڙ ڪينئون (اڇي رنگ
جو، عام طرح اناج ۾ ٿئي).
گڏڻ، مر. گڏي ڇڏڻ- ملائڻ- گڏوچڙ ڪرڻ. جمع
ڪرڻ- جوڙ ڪرڻ. شامل ڪرڻ. ڳنڍڻ.
گڏڻ، مر. ڪڙها پٽر سَٽي ڪُٽي پورڻ. ٻنيءَ جي گڏ
ڪرڻ- فصل مان اجايو گاهه گند ڪڍڻ- گڏ ڪڍڻ.
سَٽڻ- پڇ ڪڍڻ- ڏاڍي مار ڏيڻ. هڏ گڏ پڃڻ.
گڏو، ذ. ڪانن جي وڏي پري- ٻَند (ڪانن جو). سٿو.
گڏو، ذ. اڳڙين مان ٺهيل ٻوتو (ڇوڪرين جي راند
لاءِ). ٻُت (ڪپڙي جو)- پُتلو.
گڏون، ذ. پَٽل جو ٺهيل لوٽو. ننڍو لوٽو (ڪنجهي يا
پتل جو).
گڏهه، ذ. هڪ مشهور جانور- خر- کَر. (ص) گڏهه
جهڙو نئر- ضدي. بيوقوف- ڀُوڪ.
گڏهپائي، گڏهپڻو، ث. بيوقوفي. نئرپائي. اجايو ضد.
گڏهه کي پيرين پوڻ، ڪم ڪڍڻ لاءِ ضدي ماڻهو
جي خوشامد ڪرڻ.
گڏهه وارا لٽڻ، ذ. اجايون ڳالهيون- ٻٽاڪون.
اڻنگو ڳالهائڻ.
گڏي، ث. مقصد کي اگر لائڻ.
گڏي ڏيڻ، آگر ڪرڻ- هُشي ڏيڻ. چُرچ ڪرڻ.
گُڏي، ث. ڪپڙي يا اڳڙين مان ٺهيل ننڍڙو ٻُت
(ڇوڪرين جي راند لاءِ). سُهڻي عورت. نازڪ

نفيس عورت.

گڏيلُ؛ ص. مليل- جملي. پيڙو- گڏ. گاڏڙ.

گڏيل وِياجُ؛ ذ. وياج جو هڪ طريقو (جنهن ۾ اصل مُور جي وياج تي بہ وياج چڙهندو).

گڏَ؛ ث. وڻ جي پاڙ (جيڪا وڻ ۽ ٽُڙ وڍڻ بعد زمين ۾ رهجي وڃي)- ڪُتَ.

گِڏلو؛ ذ. اندران ڪپهہ پريل چولو. صدري يا ڪوٽُ (سيءَ کان بچاءُ جو لباس).

گڏُو؛ ص. ٻن جنسن يا ذاتين مان پيدا ٿيل نسل- پِسَر.

گڏُ؛ ذ (سن) ڳڙهہ- ڪوٽ- قلعو.

گڏِڙو؛ ذ. ننڍڙو گڏ- ننڍو ڪوٽُ. ٿر ضلعي ۾ هڪ شهر.

گذارَش؛ ث (ف) عرض- منٿ- سُوال.

گذارَڻُ؛ مـ (ف) لنگهائڻ. پار ڪرڻ- اُڪارڻ. ڪاٽڻ (وقت). گهارڻ- بسر ڪرڻ. حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪرڻ- فوت ٿيڻ.

گذاري وڃڻ؛ مري وڃڻ- فوت ٿيڻ.

گذارو؛ ذ (ف) گذران- گذر سفر. پيٽ گذر. وقت گذارڻ جو حيلو. ٽڳاءُ. جياپو. نباهہ.

گذارو ڪرڻ؛ ڏکيا سکيا ڏينهن ڪاٽڻ. حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪرڻ. جهڙو تهڙو گذران ڪرڻ.

گذرُ؛ ذ (ف) لنگهہ. واٽ- رستو- گسُ. نباهہ. جياپو. گذران.

گذر بَسر؛ ذ. ڪاٽو پيتو- ڏنڊو ٽاڙي- پيٽ گذر. ٽامر نڪالو- رهائش.

گذر ڪرڻ؛ وقت ڪاٽڻ. ڪفايت سان هلڻ. نباهڻ. گهارڻ گذارڻ. فوت ٿيڻ.

گذرانُ؛ ذ (ف) گذارو- نباهہ. جياپو. پيٽ گذر. ڏنڊو- روزگار. پورهيو ڪارهيو. جياپي جو وسيلو.

گذرگاهُ؛ ذ (ف) رستو- لنگهہ. واٽ.

گذرَڻُ؛ مـ. وڃڻ. لنگهڻ. اُڪرڻ. پار ٿيڻ. نباهجڻ. ڪٽجڻ (وقت). بسر ٿيڻ (حياتي). فوت ٿيڻ.

گذري وڃڻ؛ لنگهي وڃڻ. اُڪري وڃڻ- پار ٿيڻ.

گذِري؛ ث. گذريل وقت- ماضي. جيڪي ٿي ويو.

گذشتہ؛ ص (ف) گذريل- ويل (وقت).

گرَ؛ ص (ف) ٺاهيندڙ. لفظن جي آخر ۾ ايندڙ صفاتي پڇاڙي (جيئن ڪاريگر. زرگر وغيره).

گرَ؛ ث. سٽيي مٽيءَ مثل ميرُ جيڪو بدن تي چنبڙي. جانورن جي هڪ بيماري.

گر ولڻ؛ پئسي ڏوڪڙ ۾ ڪمي ٿيڻ- اُلهوند ٿيڻ. مفلسي ٿيڻ. جُوڪائي ٿيڻ.

گِرِ؛ ث. ڪُتي جي آهستي آواز واري ڀؤنڪ.

گِر ڪرڻ؛ ڪتي وانگر لاڳيتو ڀونڪڻ. ضد ڪرڻ- ڪهپي ڪرڻ.

گرُ؛ (سن) گُرو. اُستاد. قاعدو- اصول. نُڪتو. هُنر. فن. حيلو. ٽڙ جي هڪ وِجت.

گِراٽ؛ ث. چيچ ۽ آڱوٺي جي وچ واري ماپ- گرانٺ.

گراڙو؛ ذ. سارين جي ٻيجي جي هڪ مُٺ جيتري مُوڙي (جنهن مان هڪ هڪ ٻِيلو ڪري وِهَرَ ڪجي).

گِراڙِي؛ ث. ڏندن واري چرخي (مشين جو هڪ پرزو).

گِراهڪُ؛ ذ. گراهڪ. خريدار.

گِرام؛ ذ (سن) راڳ جي سُرن جي لئي. (انگ) تور جو هڪ ماڻ يا ماپو.

گِرامَرُ؛ ذ (انگ) صرف ونحَو. صرف ونحو جو ڪتاب- وياڪرڻ.

گِراموفُونُ؛ ذ (انگ) رڪارڊن وڄائڻ جي مشين- فونو.

گِرامي؛ ص (ف) پيارو- محبوب. بزرگ- مڪرم. وڻندڙ- پسند.

گرامي قدر: ص. بزرگن جي طاقت وارو. بزرگ جي لاءِ تعريفي لفظ.
گِران: ص (ف) مهانگو. ڳرو- وزندار. ڏکيو.
گِرانبار: ص. بار هيٺ دٻيل. ميوي دار. دولتمند.
گرانبها: ص. ڳري ملهه وارو. قيمتي- املهه.
گِران خاطر: ص. دل تي بار ڪندڙ. اڻ وڻندڙ. ناراض.
گِرانمايه: ص. قيمتي- املهه.
گِراني: ث (ف) مهانگائي. ڳوراڻ.
گِرانٽ: ث (انگ) عطيو. منظوري.
گِرانٽ: ث. آڱوٺي جي چوٽي کان وٺي ننڍي آڱر جي چوٽيءَ وچ واري وِٿي- گراٺ.
گِرانٽ مُنڙيو: ص. گرانٽ جيڏو. بندرو. ننڍڙي قد وارو. پارائي لوڪ ڪهاڻي جو هڪ ڪردار.
گِرانو: ص. ڪپڙو اٿندڙ- ڪوري. هڪ قبيلي جو نالو.
گِراهُ: ذ. ڪاڌي جو اهو مقدار جيڪو وات ۾ وجهي چٻاڙي کائي سگهجي- گرانهه. ڳِتو- نِوالو- لقمو.
گراهه ڏيڻ: ٽورو کاڌو ڏيڻ. ڪفالت ڪرڻ.
گراهَڪُ: ذ (ف. گاهڪ) خريدار. سؤدو ڪندڙ. طلبگار.
گراهڪي: ث. خريداري. سؤدو ڏيڻ وٺڻ. واپار.
گُربه: ذ (ف) ٻلو.
گُربه چَشم: ص. ٻلي جي اکين جهڙو- شيرو (اهڙو ماڻهو بيوفا سمجهيو وڃي).
گُربه مِسڪين: ص. ڏسڻ ۾ غريب پر افعالين حرڪتي- ميسڻو.
گَرَبي: ث. ڪپڙي جو هڪ قسم (جيڪو سنڌ ۾ اڻجي).
گَرَبُ: ذ (سن) پيٽ- ڳَبُ. حمل.
گربوَنتي: ث. حامله- پيٽ سان- ڳورهاري.
گَربِڻي: ص. پيٽ سان- حامله.
گَرَٽُ: ذ (سن) ڳنڍ. ڪپڙي جي ڳنڍ (پٽسن ٻڌڻ لاءِ).

گرچ: ث. گاچ- گجگوڙ. ڪڪرن جي گوڙ.
گِرجا (ث). گِرجو: ذ (پرتگالي) عيسائين جي عبادتگاه- ديول- ڪليسا.
گردُ: ث (ف) دَز. ڌوڙ- مِٽي- خاڪ. (ص) ڦرندڙ- گهُمندڙ.
گرد آلُود: ص. مٽيءَ هاڻو- ڌوڙ وارو- دَز ڀيل.
گردوغُبار: ذ. ڌوڙ ۽ مِٽي- دَز ۽ دُنڌ.
گِرد: ظ (ف) آسپاس- چوڌاري.
گِردا گِرد: ظ. چوڌاري- اِردگرد- آسپاس.
گِردوپيش: ظ. آسپاس- چوڌاري.
گِردو نَواح: ذ. آسپاس جو علائقو. شهر جو آسپاس.
گِرداب: ذ (ف) ڪُن (پاڻيءَ جو).
گَرْدانُ: ص (ف) ڦري گهري پنهنجي جاءِ تي موٽي ايندڙ. (ذ) گرامر موجب فعل جو عدد، جنس ۽ زمان جي حالت ۾ ڦيرو.
گردبادُ: ذ (ف) هوا جو ڦيرو. واچوڙو.
گَرْدِش: ث (ف) ڦيرو- گهمرو. دور. انقلاب. زماني جو چڪر. مصيبت.
گردِشِ اَيام: ث. ڏينهن جو ڦيرو. نياڳ- بدبختي.
گردِشِ دوران. گردشِ زمانه: ث. زماني جي گردش. بدقسمتي.
گردش ۾ هئڻ: رولي ۾ هئڻ- چڪر ۾ هئڻ.
گردَنُ: ذ (ف) ڪنڌ- ڳاٽو. گلو- ڳچي.
گردن زَدني: ث. مارڻ لائق- واجب القتل.
گَرْدو: ذ. گُڙدو- ٻُڪي.
گِردو: ذ (ف) گولائي- گهيرو- دائرو.
گردُون: ذ (ف) آسمان- چرخ- فلڪ- آڪاس.
گَرْدِي: ث (ف) ڦيرو- چڪر. مرڪب لفظن جي آخر ۾ ڪم ايندڙ لفظ (مثلاً "آواره گردي" وغيره).

گرڙُ، ذ. هڪ خيالي پکي جو نالو.

گرڙيڪُ، گرڙيڪي، ذ. تمام وڏو پکي.

گرڙاٽُ، ذ. گوڙ جو وڏو آواز. پيٽ ۾ بادي پرجڻ جو آواز.

گرڙالِ، ث. هڪ قسم جي جهنگلي وَلِ.

گرَڙو، ص. توري گرَ لڳل. گرو- گدلو- ميرو. (ث. گرڙِي).

گرڙو، ذ (ف. غراره) نڙيءَ تائين وات پريل وڏي گرڙي. هڪ ذات جو نالو.

گرڙِي، ث. وات جي صفائي لاءِ وات ۾ پاڻي جو ڍُڪ ڀري اُڇلائڻ- غرغره.

گرزُ، ذ (ف) لوهه جي لٺ سان ڳنڍيل لوهي گولو (هڪ قسم جو جنگي هٿيار).

گرَسنگِي، ث (ف) بکَ. هوس.

گرسنہَ، ص (ف) بکيو. حريص.

گرِفت، ث (ف) پَڪڙ- وَٺِ- جهَل. روڪ. اعتراض. پڇاڳاڇا.

گرِفتارُ، ص (ف) پڪڙيل- جهليل- قابو. آسير. ڦاٿل. عاشق.

گرِفتارِي، ث. پڪڙ- جهَل. قيد- بند- اسيري.

گرگُ، ذ (ف) بگهڙ- ناهر. (ص) وڏو ظالم. وڏو چالاڪ. حرفتي.

گرگلو، ذ. جُوئر جو هڪ قسم. ڪڻڪ جي اٽي مان ٺهيل مِٺو گولو. هڪ ذات جو نالو.

گرَل، ث (انگ) ڇوڪري.

گرلس اسڪول، ذ. ڇوڪرين جو اسڪول.

گرَمُ، ص (ف) ڪوسو. تتل. تازو رڌل (ڪاڌو). ناراض- ڪاوڙيل.

گرما گرمُ، ص. ڪوسو. تازو (چُلهه تان لٿل). تتل. جهٽ پٽ.

گرمجوشِي، ث. اُتساهه- اُڪير- خوشي. حُب- محبت. جوش- سرگرمي. ڪوشش.

گرم سَرد، ص. ڪوسو ٿڌو. چڱي مٺي. ٺُهن سوسو (پالي).

گرم ڪرڻ، ڪوسو ڪرڻ. تپائڻ. ڪاوڙائڻ. جوش ڏيارڻ.

گِرمِٽ، ث. سوراخن ڪڍڻ جو هڪ اوزار.

گرمکِي، ث. سِکن جي پوتر ڪتابن جو رسم الخط.

گرمِي، ث (ف) ڪوساڻ- حرارت- تپش. باهه. سيڪ. اونهاري جي موسم- آرهڙ. ڪاوڙ. جوش.

گرمي چڙهڻ، ڪاوڙ لاهڻ. سزا ڏيئي دل ٺارڻ.

گرمي سَردِي، ث. ٿڌي ڪوسي. ڏک سک.

گِرنارُ، ذ. جهوناڳڙهه (ڀارت) شهر لڳ هڪ جبل. هندو جوڳين شرنارٿين جو هڪ پوتر آستان.

گِرنارِي، ص. گرنار جو رهاڪو. جوڳي فقيرن جو هڪ پنٿ.

گرنٿُ، ذ (سن) ڪتاب- پستڪ. سِکن جو پوتر ڪتاب (جنهن ۾ گرونانڪ ۽ ٻين جا سلوڪ ۽ ڀڄن لکيل آهن)- پوٿي.

گِرَهَ، ث. دلي مٽ وغيره جو ڳچي وارو حصو. ڀڳل دلي مٽ جي ڳچي (جنهن تي دلو يا مَٽ رکجي).

گِرَهِ، ث. ڏُبڻ. راڳو- گپ.

گِرَهُ، م. ڪُتي جو آهستي لاڳيتو آواز ڪرڻ- گير ڪرڻ. ٻَڪ ڪرڻ. ڪُرڪڻ.

گِرِڙِي، ث. چرخي- ڪَپي. ڀُونڻِ (کوهه مان پاڻي ڪڍڻ جي چرخي).

گرو، ص. گر لڳل- ميرو. گدلو. مِٽيءَ هالو. ميرانجهڙو (رنگ). (ث. گري).

گرو گنجو: ص. عام رواجي. جهڙو تهڙو.
گرُو: ص (سن) معزز. عزت جوڳو شخص (پيءُ يا اسُتاد وغيره). ڌرمي سکيا ڏيندڙ. اُستاد.
گروگهنٽال: ذ. اهو گرو جنهن جي اڳيان گهنڊ وڄندو هلي. ڪامل اُستاد. تمام چالاڪ.
گروپُ: ذ (انگ) ٽولو- جٿو.
گروسُ: ذ (انگ) ٻارهن درجن (تعداد).
گروڙ، گِروڙ: ث. شينهن جي گجڪار- گجگوڙ.
گرُوڙي: ث. گرڙي- غرغرو.
گِروهُ: ذ (ف) جماعت- ٽولو. جٿو. فرقو.
گروه بَندِي: ث. ٽوليون ٺاهڻ. هرهڪ قسم کي الڳ ڪرڻ. فرقي بندي.
گِروِي: ص (ف) ڳهه رکيل- رهن. رقم وغيره جي عيوض ۾ رکيل ڳهه وغيره.
گِروي رکڻ: ورتل رقم جي عيوض ڳهه، زمين وغيره امانت طور رکڻ. عيوضي ۾ رکڻ. رهن رکڻ.
گروِيدَگِي: ث (ف) عاشق ٿيڻ.
گرويدَه: ص (ف) مائل- راغب- پسند ڪندڙ. عاشق.
گِرَه: ث (ف) ڳنڍ. ڏکيائي. ڪِيسو- هڙ. شعر جي ٻي مصرع.
گِرَهُ: ذ (سن) نظام شمسي ۾ شامل سَيارا (ڪيتو، راهو، ورهسپت، شڪر، منگل، سينيڇر، ٻُڌ، ڌرتي، چنڊ). منحوس سيارو (ڇنڇر، منگل، راهُو). گِراهن- نِوالو- لقمو. ڳيو (مانيءَ جو).
گِرهستِي: ث. گهرو زندگي. حياتي. دنيا جا معاملا.
گِرهَڻُ: م (سن) چنڊ يا سج جو جهلجڻ.
گرهڻ جو اثر: ذ. ڪنهن عضوي تي چنڊ يا سج گرهڻ جي اثر ڪري ٿيل نقص.
گِرهوڙ: ذ. تعلقي ڪيري ۾ هڪ مشهور ڳوٺ (جتي مشهور درويش ميون عبدالرحيم گرهوڙي مدفون آهي).
گِرِي: ث. ڪاني، ڪمند، ڪانَر وغيره جو سَنڌ يا ٻن سَنڌن جي وچ وارو ٽڪر- ڳِري- ٻُل.
گِريان: ص (ف) روئندڙ.
گِريبانُ: ذ (ف) پهراڻ يا چولي جو اڳ وارو ڳچيءَ جو حصو. اڳو (چولي يا پهراڻ جو)- دامن.
گريبان مان جهلڻ: دامن مان جهلڻ. باز پرس ڪرڻ. تقاضا ڪرڻ. پڪڙڻ- جهلڻ.
گريبان ۾ مُنهن وجهڻ: پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائڻ. پنهنجا ڪرتوت ڏسڻ.
گِريبِي: ث. ٻوڙ جي مٿان وارو سٿڀ. شوروو- رَسُ (ٻوڙ جو).
گرُيز: ذ (ف) ڀڄڻ- ڀاڄ- فرار. پاسو- پرهيز.
گريز ڪرڻ: پاسو ڪرڻ- ٽارو ڪرڻ- ڪنارو ڪرڻ.
گريزان: ص (ف) ڀڄندڙ- پاسو ڪندڙ- ڪناري ڪش.
گِريو، گِريہ: ذ (ف) روڄ- روئڻ- رودن- راڙو.
گريہ و زاري: ث. روڄ- پٽڪو- ماتم.
گِريو ڪرڻ: روڄ راڙو ڪرڻ- ماتم ڪرڻ. حشر مچائڻ.
گڙ ٻَڙ: ث" گڏوچڙ. هيٺ مٿي. بدانتظامي. هل هنگامو. مونجهارو- رولو. پيٽ ۾ وٽ سٽ.
گڙبَڙ ڪرڻ: رپِڙو ڪرڻ. رولو وجهڻ. مانداڻ مچائڻ. هل بکيڙو ڪرڻ.
گڙپُ: ذ. ڳيت ڏيڻ جي حالت- ڪاٺي وجهڻ. هڙپ.
گڙدو: ذ (ف. گرده) گُردو- ٻُڪي. حوصلو.
گڙدولِي: ث. ڦيري- چڪر. بازولي- ڪلابازي.
گڙدِي: ث. پيڙ- رش- پيهه. ڦيرو- چڪر. بازولي.
گڙڪَڻُ: م. زور سان وهڻ (پاڻي). وڏي آواز سان وهڻ.
گڙڪَڻُ: م. گڙ گڙ ڪرڻ (چلم، حقو).

گڙڪو: ذ. زور سان پاڻي وهڻ جو آواز.
گُڙِڪو: ذ. چلم يا حُقي جو ٻُڙڪو.
گڙگاٽ: ذ. پاڻي جي وهڪري جو زور سان آواز.
گڙ گڙِ: ث. گاڏي وغيره جو آواز. ڦاڊو آواز. زور سان ڳالهائڻ. هُل- بڪ بڪ.
گِڙ گِڙ: ث. اجائي مغزماري- پخي. بڪ بڪ.
گُڙ گُڙ: ذ. چلم حُقي وغيره جو آواز. پيٽ ۾ آواز.
گڙنگ، گڙِنگ: ص. وڏو. اوچو. وسيع. ٻنگ. (اصطلاحا) وڏو اٺ.
گُڙڻ: م. گوڙ ڪرڻ. گجڻ. مست اٺ جو آواز ڪرڻ. گپ گارو ڪنو ٿيڻ. زمين پُسڻ (ريج سان).
گِڙِنگ: ذ. وڏي قد وارو اٺ.
گَزُ: ذ (ف) ڪپڙي مڻڻ لاءِ هڪ وال جي لوهي سيخ. تندن واري ساز جي وڄائڻ لاءِ ڪمان (سِتار، سارنگي، سُرندو وغيره ساز)- گزي. بندوق جي نالي صاف ڪرڻ لاءِ سيخ. تِيرُ. واهه جي پاڻي کولڻ يا بند ڪرڻ جو درُ. آسري لٺو (وڻ). ڊاڙ- ٻٽاڪ- لاف.
گز ڪرڻ: سٽي ڪُٺي سڌو ڪرڻ.
گزّند: ذ (ف) ايذاءُ- تڪليف- اهنج. نقصان. ٽوٽو.
گزِي: ث. ننڍي ماپ وارو گز. ٻاڻ- تير. لاف- لباڙ.
گزيون هڻڻ: ڪوڙ هڻڻ. ٻٽاڪون هڻڻ. لاف زني ڪرڻ.
گزيٽ: ث (انگ) سرڪاري حڪمن جي اشاعت ڪندڙ اخبار.
گزِيدَه: ص (ف) ڏنگيل- ڪکيل.
گزِير: ذ (ف) علاج- حيلو- تدبير- چارو.
گزِين: ص (ف) پسند ڪندڙ. مرڪب لفظن جي آخر ۾ ايندڙ (جيئن خلوت گزين وغيره).
گسُ: ذ. واٽ- دڳ- راهه- رستو. پيچرو. لنگهه.
گس لائڻ: واٽ ڏيکارڻ. سنئين راه ڏسڻ. رهنمائي ڪرڻ. هدايت ڪرڻ.
گَسِ: ث. دز- لٽ. ڌُسڙ.
گسار: ص (ف) هٽائيندڙ- دفع ڪندر. پيئندڙ. صفاتي پڇاڙي طور ڪم ايندڙ (مثلا غمگسار، مَيگسار وغيره).
گسائڻ: م. گهَٽ- مهٽڻ. رهڙڻ.
گسائِڻ: م. غيرحاضر رهڻ. ٽٽائڻ. پاسو ڪرڻ.
گسائِي: ث. گهَٽ جو عمل. گهڻ (اوزار وغيره تکي ڪرڻ لاءِ). مَهٽ.
گسائيں: ذ (هندي) سوامي. سَنت. پهتل سادو.
گستاخ: ص (ف) بي ادب. حجتي. بيشرم.
گستاخ ڪرڻ: حجتي ڪرڻ. چڙو واڳ ڇڏڻ. مٿي تي چاڙهڻ.
گستاخِي: ث (ف) بي ادبي. حجت. بي حيائي. بداخلاقي.
گِسِرَ: ث. گيسَر- دير. ير- سُستي، سيڙپ.
گِسرَڻ: م. رڙهڻ- سِرَڻُ. ريڙهيون پائي رڙهڻ.
گَسڙ: ث. ڏُڏر- ڏوڙ. ڌُسڙ. ڪچي زمين واري مِٽي.
گِسڪَڻ: م. کِسڪڻ- ترڪڻ. کسڻ. ترڻ- سِرڪڻ- رڙهڻ.
گِسڪَڻو: ص. تِرڪڻو- کِسڪڻو- سِرڪڻو.
گَس گَساءُ: ذ. نت نئاءُ- گوٽنات. ٽٽائڻ لاءِ بهاني بازي.
گس گساءُ ڪرڻ: نت نئاءُ ڪرڻ- گوٽناٽَ ڪرڻ. بهاني بازي ڪرڻ. آنا ڪاني ڪرڻ.
گَسَڻُ: م. ڪي ٻه ٻه شيون پاڻ ۾ گهجڻ. گهڪو کائڻ. گاٺ ڪرڻ.
گَسَڻُ: م. خطا ٿيڻ (نشان)- خالي وڃڻ (نشانو). هٽڻ- ٽِڙڪڻ. هٽان وڃڻ (وجهه). انجام کان ڦرڻ. پلجڻ.
گسي وڃڻ: نشاني تي پورو نه لڳڻ. ٽڙي وڃڻ- خطا ٿيڻ. واعدي تان ڦري وڃڻ.
گِسِي: ث. اُٺ ٻڪري وغيره جي ٽِيڪَ. ڪپڙي رڱڻ

جو هڪ مصالحو.

گشتُ، ذ (ف) چڪر- گهمرو- ڦيرو. ڏوڙو- سَيرُ. گهومَ. پڙتال.

گشتي، ص. گشت ڪندڙ. گهمندڙ ڦرندڙ. سفر يا پڙتال ڪندڙ (آفيسر).

گشتہ، ص (ف) ڦريل. اُبتو. بگڙيل. بدليل (صفاتي پڇاڙي طور ڪم ايندڙ. جئن "برگشتہ" وغيره).

گشو، ذ. گهڪو- رهڙو. ڪوڙو دلاسو- ڏڻو.

گشائي، ث. ڏڻائي- ڏوڪي باز.

گشو ملائڻ، من گهڙت ڳالھہ ٻڌائڻ. ڏڻو هڻڻ. بهانو ڏيڻي ٽٽائڻ.

گشيِ، ص. گشائي. داڙي- ٻناڪي.

گفا، ث. اونداهي غار. غار- ڇُرَ.

گفت، ث (ف) ڳالھہ ٻولھہ. گفتار. صفاتي اڳياڙي طور ڪم ايندڙ (مثلا گفت و شنيد، گفتگو وغيره).

گفت و شُنيد، ث. سُڻي ٻڌي- ڳالھہ ٻولھہ. تڪرار. بحث.

گفتارَ، ث (ف) گفتگو- ڳالھہ ٻولھہ. (ص) چوندڙ- ڳالهائيندڙ. صفاتي پڇاڙي طور ڪم ايندڙ (جئن شيرين گفتار. تلخ گفتار وغيره.)

گفتگو، ث (ف) ڳالھہ ٻولھہ. بات چيت. تذڪرو- ويچار. مباحثو.

گفتو، ذ (ف) جملو- ٻولُ- قولُ. اقرار- وعدو. ذڪر- گفتگو.

گِفَّ، ث (ف. ڪَفَ) گهڻي ڳالهائڻ ڪري وات ۾ پرجي آيل گجي. گهڻو ڳالهاءِ- جهڳي- ٻَخ.

گڪَ، ذ. پُنيءِ جو ڪُبُ. گهُب.

گڪو، ص. پُنيءِ جي ڪُب وارو. گهُب وارو (ٿانءُ). (ث. گڪي).

گِگَ، ث. وات جو لعابُ- پِڪَ. گِفَ. وڻ يا ٻوٽي جو ليسدار رَسُ.

گگدامُ، ص. گونگو- بي زبان (عام طرح جانور کي چيو ويندو آهي جيڪو بي زبان آهي).

گِگَ وهڻ، وات مان پاڻي وهڻ. حرص ٿيڻ. سَدَ ٿيڻ.

گِگرُ، ص. گِگون وهائيندڙ. چرڙيات- مستانو.

گگرُ، ذ. هڪ قسم جو وڻ ۽ ان جو کوڻر (پسارڪو وکر. واس ڦوپ طور ڪم اچي)- لوبانُ.

گگنُ، ذ (سن) آسمان- آڪاس- فلڪ. زمين ۽ آسمان جي وچ وارو.

گِل، ث (ف) پُسيل مِٽي. گپ. گارو.

گِلُ، ذ. اِٽي ڏڪر يا بلورن راند لاءِ کوٽيل ننڍڙي کڏ- بد- گِڏ.

گلُ، ذ (ف) ڦُل- ڦُول. ٽٽونر. ڦُندَنُ. ٻتي يا ڏيئي جي وٽ جي ٻرندڙ چوٽي.

گل فشاني، ث. خوش بياني. (ڪنايتا) بدڪلامي.

گلَ چاڙهڻ، قبر وغيره تي گل وجهڻ.

گلُ ڪرڻ، وسائڻ (ٻتي، ڏيو).

گلَ ڪڍڻ، ڪارناما ڪرڻ. (ڪنايتا) بدناميءَ جهڙا ڪم ڪرڻ.

گل، ذ (ف. "گولہ" جو مخفف) گولو.

گل انداز، ص. توف مان گولا اُڇلائيندڙ.

گِلا، ث (ف. گلہ) شڪايت. غيبت- بُرائي. بدنامي.

گِلا خور، ص. گلا ڪندڙ. شڪايت ڪندڙ.

گِلارو، ص. خوار- بدنام.

گلا شڪوہ، ذ. شڪايتون- ميارون- ڏوراپا.

گلا غِيبَت، ث. خواري- بدنامي. لائي چائي.

گُلابُ، ذ (ف) هڪ قسم جو مشهور گل.

گلاب جو پاڻي، ذ. گلاب جي گلن مان ڇڪايل عرق.

گلابداڻي، ث. گلاب جي پاڻي ڇڻڪارڻ جو خاص ٿانءُ.
گلابي، ص. گلاب جي گل جهڙو (رنگ).
گلابندُ، ذ (ف) ٻَڇي ۾ ويڙهڻ لاءِ اوني يا ريشمي پٽو- مفلر.
گلِ احمرُ، ذ. سُرخ گلاب- خوني گلاب.
گِلاسُ، ذ (انگ) شيشو- ڪانچ. پاڻي پيئڻ لاءِ گول دِگهو ٿانءُ.
گلاس داني، ث. گلاسن رکڻ لاءِ پت ۾ ٺڪيل تختي.
گل اشرفي، ذ. هڪ قسم جو نارنگي رنگ جو گل.
گِلال، ص (ف) ڪنيار.
گلالُ، ذ. ڳاڙهو پائوڊر (جيڪو هوليءَ ۾ هندو هڪ ٻئي کي هڻن. اهو چانورن، يا جَوَن جو اٽو، ڳاڙهو رنگ ۽ خوشبوءِ ملائي ٺاهيندا آهن).
گلِ انارُ، ذ (ف) ڏاڙهون جو گل.
گل اندامُ، ص (ف) گلن جهڙن نازڪ نرم عضون وارو- نازڪ بدن. سهڻو- حَسين.
گلبانگ، ث (ف) وڻندڙ آواز. بلبل جي بولي. شاديءَ جي خوشيءَ جو آواز. خوشخبري.
گلبَدنُ، ص (ف) نازڪ بدن. سُهڻو- معشوق. هڪ قسم جو ريشمي ڪپڙو.
گلبَرگُ، ذ (ف) گلاب جي گل جو ورق.
گل بَڪاوَلي، ذ (ف) هڪ قسم جو اڇو گل.
گلبُو، ث (ف) گلاب جي گلن جي سُرهاڻ- گلن جي سڳنڌ- مَڪِاءُ.
گلَ ٻُوٽا، ذ. ڀرت جو هڪ قسم (جنهن ۾ گل ۽ پن هجن).
گل ٽڪمو، ذ. هڪ قسم جو اڇو يا هيڊي رنگ جو گل.
گِلٽُ، ذ (انگ) مُلمعو- پالش. هڪ قسم جو هٽرادُو ڌاتو- نِڪل.
گلپوشُ، ص (ف) گلن سان ڍڪيل.
گل پيرَهن، ص (ف) گلن جي پوشاڪ وارو- معشوق.
گل جاءِ، ث. هڪ قسم جي ول ۽ گل.
گلچِين، ص (ف) گل چونڊيندڙ- باغبان.
گِلِ حِڪمتَ، ث (ف) طبيبن جي اصطلاح ۾ ڪنهن وکر جي جوهر ڪڍڻ لاءِ ڪِکر جي ٿانوَ ۾ وکر وجهي، ٿانوَ جو منهن ميٽ يا مِٽي سان بند ڪرڻ جئن پچڻ وقت ٻاڦ ٻاهر نه نڪري.
گلقندان، ذ (ف) ٽڙيل گلَ.
گل خَيرو، ذ (ف) هڪ قسم جو گل ۽ ٻوٽو (پن ۽ گل وڏا ٿين. گلَ اڇا، گلابي ۽ ڳاڙها ٿين).
گلدانُ، ذ (ف) گلن يا گلدستي رکڻ لاءِ گلاس جهڙو خاص ٿانءُ.
گل داتودي، ذ. هڪ قسم جو گل (جيڪو گهڻن ئي رنگن ۾ ٿئي).
گلدَستو، ذ (ف) مختلف گلن جو ڇڳو.
گلرُ، ذ. ڪُتي جو ٻچو- ڪُتي جو تازو ڄاول پلونگڙو.
گلرُخ، ص (ف) سهڻو- حسين. معشوق.
گلرنگ، ص (ف) ڳاڙهو- گلابي.
گلرُو، ص (ف) سهڻو- حسين. معشوق.
گلِري، ث. گلر واري ڦيري ۽ پڙنڪ.
گلريون پوڻ، ڦيريون ڏيڻ- بي قراري ٿيڻ. ڪُتي واريون رومڙون ڪرڻ.
گلزارُ، ذ (ف) گلن واري جُوءِ. باغ- چمن. گلستان.
گلزارِي، ث. ساوڪ ۽ گل ڦل.
گلستانُ، ذ (ف) باغ- چمن- گلشن.
گلشَن، ذ (ف) باغ- چمن- گلستان.
گلشَنِ ايجاد، ذ. دنيا- جهان.
گل عباسي، ذ (ف) هڪ قسم جو گُل (جيڪو

اڇي، ڳاڙهي ۽ هيڊي رنگ جو ٿئي).
گُلمِذار: ص (ف) ڳاڙهن ڳلن وارو- سهڻو- خوبصورت. معشوق.
گل ترنگ: ذ (ف) هڪ قسم جو گل (اڇي ۽ گلابي رنگ جو ٿئي ۽ هر موسم ۾ ٿئي).
گُلقند: ذ. کنڊ ۽ گلاب جي گلن مان ٺهيل وکر.
گل گلاب: ذ (ف) گلاب جو گل.
گل لالہ: ذ (ف) باغ جو سير. گهمڻ. سَيرُ.
گِل گِلوٽي: ث. هڪ ٻاراڻي راند. ٻازولي. ٻارڙي کي کُڏائڻ.
گُلگون: ص (ف) گلاب جي رنگ جو- گلابي.
گُلفام: ذ (ف) گلاب جي رنگ جو. سهڻو. معشوق.
گُلفشانِي: ث (ف) گلن جي ورکا. خوش بياني.
گُلڪارِي: ث (ف) نقاشي. گلن ٻوٽن وارو پرت.
گُلگلو: ذ. ميدي جو تريل مِٺو لڏون.
گل مريم: ذ (ف) ناسي رنگ جو هڪ قسم جو گل.
گل ميخ: ث (ف) وڏي ٽوپيءَ واري ڪِلي يا ڪوڪو.
گُلنار: ذ (ف) ڏاڙهونءَ جو گل. (ص) ڳاڙهو- سرخ.
گُلنداز: ذ. توپ جا گولا اڇلائيندڙ نشاني باز. توبچي.
گل نسرين: ذ. جهنگلي گلاب (ٻوٽو ۽ گل)
گل نِيلوفر: ذ. ڪنول جو گل.
گِلمُ. گِلِمُ: ذ (ف. گليم) پٽ تي پکيڙڻ لاءِ وڏي فراسي- فرش (سوٽي).
گلو: ذ (ف. گلہ) وڳُ (اُٺن جو). ڌڻ (مال جو). ٽولو (جانورن جو).
گلہ بان: ص. ڌنار- ڌڻار.
گلو: (ف. غلہ) دڪاندار جي مُرادي رکڻ جي پيٽي وغيره.
گلو: ذ (ف. گُلو) ڳلو- ڳِچي- گردن- ڪنڌ. پهراڻ يا چولي وغيره ڳِچيءَ وارو حصو- گريبان.

گلوخشڪ ٿيڻ: نڙي سُڪڻ. ڏاڍي اُڃ لڳڻ.
گلو دٻائڻ: گهٽڻ- گهٽو ڏيڻ. خبر ڪرڻ.
گلو ڪٽڻ: ذبح ڪرڻ. ڳچي ڪپڻ. ظلم ڪرڻ.
گلو گهُٽڻ: ڳچي دٻائڻ. گهٽو ڏيڻ. دٻاءُ وجهڻ. ظلم ڪرڻ.
گلو ويهڻ: آواز ڳرو ٿيڻ (گهٽي ڳائڻ. ڳالهائڻ يا زڪام سبب).
گلي پوڻ: زوري مڙهجڻ- ڪنڌ ۾ پوڻ. ذمي ٿيڻ.
گلي لڳائڻ: ڀاڪر پائڻ. محبت ڪرڻ.
گلي ماه جهلڻ: ڳچيءَ ۾ هٿ وجهڻ. قابو ڪرڻ. باز پرس ڪرڻ.
گلي ۾ ٻڌڻ: زوري ڪا چيز ڏيڻ. زبردستي نڪاح ۾ ڏيڻ.
گلي مڙهجڻ: زوري ڪا چيز حوالي ٿيڻ. مرضي جي خلاف ذميداري مڙهجڻ.
گلي ملڻ: ڀاڪر پائڻ. صلح ٿيڻ.
گلو: ذ (ف) گلو- گردن- ڳچي.
گلوبَند: ذ. ڳچيءَ ۾ ويڙهڻ لاءِ اوني يا ريشمي پٽو- مفلر.
گلوگيرُ: ص (ف) ڏکويل- رنڌهارڪو. دلگير. گهٽيل گلي وارو (آواز). ڳچيءَ پوندڙ.
گِلولُ: ث (ف. غلولہ) پکين کي هڪلڻ لاءِ ڳوڙها اُڇليندڙ ڪَمان. ننڍي ۽ سانگي ڪاني ۾ رٻڙ جا پٽا وجهي ٺاهيل گليل.
گِلولو: ذ. ڪانياڻي يا گليل جو ڳوڙهو.
گل هزارا: ذ (ف) گينديءَ جو گل (پيلا گل ٿين).
گِلوِئي: ث. هڪ قسم جو ڳوهہ جهڙو جانور.
گِلي: ث. گهٽي- ڳلي. گهرن جي وچان سوڙهو لنگهہ.
گِلِي: ث. اِٽي. ڪاٺيءَ مان گهڙيل ٽُڪر (ڏڪر سان

راند ڪرڻ لاءِ).

ڳلي ڏڪر: ذ. اِتي ڏڪر.

ڳلي: ث. نيرو رنگ. ڪپڙن جو رنگ ڪليل بيهارڻ لاءِ نير مان نهيل اٽي جهڙو ڀُورو- نِيلُ.

ڳليلَ: ث (ف. غلولہ) ڳوڙهن اُڇلڻ لاءِ ڪَمانَ يا ٻہ سانگي مان نهيل اوزار (پکين هڪلڻ لاءِ).

ڳمُ: ث. سُڌ- سُڌس. خبر- پَتو- پروڙ- ڇاڻ.

ڳم: ص (ف) وِيَل. وڃايل. ضايع. لڪل- ڳجهو. الوپ- غائب. غيرحاضر. ڀڳل- مفرور. روپوش. حيران- واتڙو.

ڳم ڪرڻ: لڪائڻ. غائب ڪرڻ. وڃائڻ- ضايع ڪرڻ.

ڳماشتو: ذ (ف) پاران ڪم ڪندڙ- عيوضي. نائب. ايجنٽ. عام مختار.

ڳمانُ: ذ (ف) شڪ- شبهو. ظن- خيال. وسوسو. وهم. امڪان.

ڳماني: ص. شڪي. امڪاني. بي يروسي. غيريقيني.

ڳمراه: ص (ف) رستي کان هٽيل- ٿڪيل- بيراه. ٽڙيل.

ڳمراهي: ث. بيراهي- اوجهڙ. حيراني.

ڳمشُدگي: ث (ف) وڃائجي وڃڻ جي حالت.

ڳمشُدَه: ص (ف) وڃايل. وِيَل. ڀڳل. لِڪل.

ڳم شُر: ص (ف) غائب.

ڳم صُم: ص (ف) چپ- ماٺ. حيران- ششدر. واتڙو.

ڳمَ گشته: ص (ف) گمشده- وڃايل. لڪل.

ڳمنام: ص (ف) بنان نالي- بي نام. غيرمشهور. لڪل- مخفي- ڳجهو.

ڳمنامي: ث. لِڪَ- اخفا. پرده پوشي. ڳجهه ڳوهہ.

ڳنَ: ث (انگ) بندوق.

ڳڻُ: ذ (سن) وصف- صفت- خاصيت. چڱائي. خوبي. تاثير. لچڻ- ارڪان. هُنر- فن. احسان- ٿورو- وَڙُ- ڳڻ.

ڳڻ چورُ: ص. احسان فراموش. وڙ وساريندڙ.

ڳڻ ڪڍڻ: لچڻ خراب ڪرڻ. بدنيڪي: ڪڍائڻ.

ڳڻ ڪرڻ: احسان ڪرڻ- ٿورو ڪرڻ- وڙ ڪرڻ.

ڳنات: ث. پانيچاري- عزازت. ڪڙم- قبيلو. ذات.

ڳناهُ: ذ (ف) خراب ڪم. ٻئي کي نقصان رسائيندڙ ڪم. ڏوه- پاپ. خطا- قصور. قانون جي ابتڙ ڪم- جرم.

ڳناهگارُ: ص. ڏوهي- ڏوهاري- پاپي- مجرم- خطاوار.

ڳناهگاري: ث. ڏوهہ- قصور- خطا.

ڳنبُ: ذ. ڳوهيل مٽي- گارو. ڳپ. گاري مان نهيل پٽ يا جاءِ.

ڳنب پَٽُ: ذ. ڳپ جهڙو نرم پَٽُ. بنان ڳيهہ جي رڌل پٽڙو پٽ.

ڳنبَذُ: ذ (ف. گنبد) گولائي ۾ اڀريل ڇت (جنهن ۾ آواز گونج ڪري. گنبذ عموما مسجد يا مزار تي ٺاهجي).

ڳنڀيرُ: ص. سانتيڪو- بردبار- تحمل وارو- سنجيدو.

ڳنج: ث. نوڙهہ- روڏ.

ڳنجُ: ذ (ف) خزانو- مال- دولت. (ص) ڍير- ڍگ- انبار- اڻ ميو.

ڳنج لڳي وڃڻ: تمام گهڻي اُپت ٿيڻ. ڍڙ ٿي وڃڻ. انبار ٿي وڃڻ.

ڳنجا: ذ. جانورن جي هڪ جنس.

ڳنجان: ص (ف) گهاٽو- سوڙهو- ڳتيل- ڳوڙهو.

ڳنجائش: ث (ف) سمائجڻ جي جاءِ- جاءِ- جڳهہ- وِٿي.

ڳنجلڪ: ث (ف) ڳُنج. ڳنڍ- مونجهہ. پيچيدگي.

ڳنجو: ص. نوڙهو- روڏو. (ث. ڳنجي). (ذ) ضلعي

حيدرآباد ۾ هڪ ٽڪر.

گنجِي؛ ث. قميص جي اندران پائڻ لاءِ هڪ قسم جو پهڻ.

گنجينہ؛ ذ (ف) خزانو- گنج.

گندُ؛ ذ (ف) ڪچرو- ڪِنُ- ٻُهَرُ. غلاظت. پليتي. جهيڙو- تڪرار.

گنداڻي؛ ث. ڪِنُ- ميرائي. پليتي.

گند بَڪَڻُ؛ گاريون ڏيڻ- بد زباني ڪرڻ.

گند ڪرڻ؛ ڪِن ڪرڻ. بدزباني ڪرڻ. بدلچائي ڪرڻ.

گند مَٿِڻ؛ گار گند ڪرڻ. بدزباني ڪرڻ.

گُندُ؛ ذ. وڏي گُندي (ان رکڻ لاءِ). ڏِڪ- ڪوڙُ- ڍيرُ. تمام گهڻو.

گِندا؛ ث. فقيرن جي گودڙي- رَلي. فقيرن جي جهولي.

گُندَرُ؛ ذ. گُوندَرُ.

گندِرا؛ ذ. هڪ قوم جو نالو.

گندرَفُ؛ ذ. گندڪ.

گندَڪُ؛ ذ (سن) هڪ قسم جي معدنيات جنهن کي گهڻ سان باهہ لڳي- گندرف.

گندگِي؛ ث (ف) ڪِنُ. غلاظت. بدبوءِ.

گُندلو؛ ذ. ان رکڻ لاءِ وڏي گُندي. (ص) ٻُت ۾ ڀريل- ٿُلهو مٿو.

گندُمُ؛ ث (ف) ڪڻڪ- گيهُون.

گندمَ گُون؛ ص. ڪڻڪ رنگو. سانورو.

گندمِي؛ ص. ڪڻڪ مان ٺهيل. ڪڻڪ رنگو.

گندَهُ؛ ذ. هڪ قسم جي جيلري مڇي.

گندو؛ ص (ف) ڪِنو. ناپاڪ- نجس. پليت. خراب. بدافعال. (ث. گندِي).

گندو ڪَمُ؛ ذ. خراب ڪم- بُرو ڪم. بڇڙو ڪم- بدڪاري.

گندِي؛ ث. مٿي ڍڪڻ لاءِ زنانو ڪپڙو- رَئو- پوتي. چادر. رَلي.

گندِي چِندڻ؛ پوتي چندي اُٿڻ. ليڪو لاهي وجھڻ. پلاند آجا ڪرڻ.

گِندِي؛ ث. رَلي- گودڙي. چادر.

گُندِي؛ ث. اناج رکڻ لاءِ مٽيءَ مان ٺهيل وڏي نادي- وڏو ڍڪهو گُندلو.

گندجَڻُ؛ م. گڏوچڙ ڪاڏن مان پيٽ خراب ٿيڻ ۽ بيمار ٿيڻ.

گنڊُ گوڙُ؛ ذ. مونجهارو- گڙٻڙ. گڏوچڙ سامان.

گُنگُ؛ ث (ف) گنگائي. ڳالهائي نہ سگهڻ جي حالت (ص) گُنگو- خاموش.

گُنگ ٻوڙ؛ ث. چپ چپات. خاموشي- سانت. سانتيڪو ماحول (جنهن ۾ ڳالهائڻ ٻولائڻ جو آواز نہ هجي).

گنگا؛ ث. ڀارت جي هڪ مشهور ندي. عورتن جو نالو.

گنگاجَل؛ ذ. گنگا ندي جو پاڻي (جيڪو هندن لاءِ پوتر ۽ صاف پاڪ پاڻي).

گُنگو؛ ص (ف. گنگ) جيڪو ڄائي ڄم کان ڳالهائي نہ سگهي. ماٺيڻو.

گنوائِڻُ؛ م. وڃائڻ- ضايع ڪرڻ.

گُنهُ؛ ذ (ف) گناه- ڏوهہ- پاپ.

گُنهگارُ؛ ص. گناهگار. ڏوهاري- پاپي.

گنهوَر؛ ص. اونهون- عميق. بردبار- ڳنڀير.

گِني؛ ث. سون جو هڪ سڪو- مُهر- اشرفي.

گُني؛ ث (سن) گُن وارو- گُڻ ڪندڙ. گُڻوان. سخي.

گنيش، گڻيش؛ ذ (سن) هندن جو هڪ ديوتا (جنهن جو جسم انسان جو ۽ مٿو هاٿيءَ جو ٿئي).

گُڻُ؛ ذ (سن. گُن) خاصيت- خوبي- خاصيت. سُياءُ. تاثير. لچڻ. هنر. احسان- ٿورو- وڙ- ڳُڻ.

گُڻوانُ؛ ص. سٺن لڇڻن وارو. هنرمند. سخي.

گو؛ ظ (ف) گويا- ڄڻڪ- اگرچ. (ص) چوندڙ.

صفاتي پڇاڙي طور ڪم ايندڙ (جهڙوڪ داستان گو، بدگو وغيره).

ڳوارَ؛ ث. هڪ ٻوٽو ۽ ان جو ڦريون (جيڪي ڀاڄي طور ڪم اچن).

گوارُ؛ ص (ف) هضم ٿيڻ جهڙو. مزاج مطابق. صفاتي پڇاڙي طور ڪم ايندڙ لفظ (جهڙوڪ خوش گوار، ناگوار وغيره).

گوارا؛ ص (ف) جلد هضم ٿيندڙ- هاضم. سوادي. وڻندڙ.

گوارا ڪرڻ؛ برداشت ڪرڻ- سهڻ. منظور ڪرڻ.

ڳوارِي؛ ث. گٿوشالا.

گوالُ؛ ص. جاسوس. چُغلي ڪندڙ. چغلخور.

گواهُ؛ ذ (ف) شاهد. تصديق ڪندڙ.

گواهِي؛ ث (ف) شاهدي- ساک. ثابتي.

گوبَرُ؛ ذ. ڍڳن جو ڇيڻو. ڇيڻو.

گوبو؛ ذ. نڪ جي ڦوڪيندي جهڙي غلاظت.

گوبي؛ ث. هڪ قسم جو اوبڙ (جنهن جو گُل يا پنَ ڀاڄي طور ڪم اچن).

گوتو؛ ذ (ع. غوطه) ٽٻي.

گوتا کائڻ؛ ٽٻيءَ ۾ پوڻ. ٻُڏتر ڪرڻ. سوچ ويچار ڪرڻ. دل من هڻڻ. پُور پچائڻ.

گوتنات؛ ث. بهاني بازي. آناڪاني.

گوتنات ڪرڻ؛ ٽٽائڻ- بهاني بازي ڪرڻ.

گوپي؛ ث (سن) ٻانهي- نوڪرياڻي. خدمتگارڻ. چيلي- شيواڌارڻ.

گوڄَ؛ ث. مڇيءَ جو هڪ قسم (ٻنان ڇلرن).

گوڄارَ؛ ث. ٽر ۾ پٽ جو اُتريون الهنديون پاسو (جنهن تي اُس نه پوي).

گودِ؛ ث. جهولي. دامن. پاڪُر.

گودِ ولڻ؛ جهوليءَ ۾ وٺڻ. ٻئي ڪنهن جي ٻار کي پنهنجو اولاد بنائڻ.

گودَڙُ؛ ذ. پراڻو ۽ ڦاٽل ڪپڙو. ڦاٽل ۽ پراڻي رلي. رلي. پراڻي ۽ ڦاٽل سَوَڙ پٿراڻي وغيره.

گودڙي؛ ث. ڇتين لڳل پهراڻ. ڇتين لڳل ڪفني (فقيراڻو ڍگهو چولو). ڦاٽل ۽ پراڻي رلي. ليڙون ليڙون ٿيل ڪپڙو.

گودڙيو؛ ص. گودڙي پوش (فقير، درويش).

گودو؛ ذ. ڪيسو- گيدو.

گودِي؛ ث. جهاز يا ريل گاڏي مان مال لاهڻ وارو دِڪو.

گوڏو؛ ذ. ٽنگ جو هڪ سنڌ (ران ۽ ٻُڪي کي ڳنڍيڻ وارو سَنڌ)- مُونو.

گوڏا ڪوڙڻ؛ بي طاقت ٿيڻ. هار مڃڻ.

گوڏن ڀَرِ؛ ظ. ڪِرِيل- ٻڏل. هيٺو. ڏڪيل. بيحال.

گوڏي هيٺ رکڻ؛ لاغرض ٿي ويهي رهڻ. دٻائي ڇڏڻ. ويچار ۾ نه آڻڻ.

گوڙِ؛ ث. جانور جي آلت.

گورَ؛ ث (ف) قبر- لحد. لوڙهَ.

گورستانُ؛ ذ. قبرستان- مقام.

گورکَن؛ ص. قبرون کوٽيندڙ.

گورُ؛ ذ. جهنگ ۾ چڙواڳ چرندڙ جانور (چوپايو مال، وهٽ). (ص) چڙواڳ.

گوربَندُ؛ ذ. اُٺ جو هڪ سنج (چم جي پَٽي جيڪا ڪجائي يا پاکڙي جي جهل لاءِ اُٺ جي ڇاتي وٽ ٻڌجي).

گورا گِل؛ ث. ڇت تي پکن ٺوڻن مٿان پٽڙي گاري جو راڳو.

گورخَرُ؛ ذ. هڪ قسم جو جهنگلي جانور- جهنگلي گڏهه.

گورکُ؛ ذ. جوڳي فرقي جو هڪ ساڌو (گورک ناٿ). ضلعي دادو ۾ هڪ جبل. هڪ قسم جو ڪُلف (يا

رانديڪو جيڪو ڇهن پنجن حصن ۾ هوندو آهي جيڪي پاڻ ۾ ملائڻ ڏکيو ۽ مونجهاري وارو آهي).

گورکُ ڏنڊو؛ ذ. ڏکيو ڪم. مونجهاري وارو معاملو. منجهيل مسئلو.

گورکناٿُ؛ ذ. ناٿ پنٿي جوڳين جو وڏو گُرو (جنهن جو آستان گرنار جبل جي اُتاهين چوٽيءَ تي هو).

گورکو؛ ذ. نيپال جو رهاڪو. نيپالي.

گوَرنَر؛ ذ (انگ) صوبي جو وڏو عملدار.

گورنري؛ ث. گورنر جو عهدو.

گورنمينٽ؛ ث (انگ) حڪومت. سرڪار. حڪمراني.

گورو؛ ص. ڳورو. سهڻو. ڀُورو (رنگ). يورپ جو رهاڪو- يوروپين. (ذ) بادام جو مغز. ناريل جو ڳِپ. پينسل جو گورو.

گوري؛ ص. اڇي (ڀُوري رنگ جي)- ڳوري. سهڻي. (ث) رواجي گولي.

گوريلو؛ ث. هڪ قسم جو وڏو پولڙو. رڇ جو هڪ قسم. باندر.

گوڙ؛ ث. ڪڪرن جي گجگوڙ. شينهن جي گاج. مست اُٺ جو آواز.

گوڙُ؛ ذ. هُل- شور- لڙ. وڏو آواز. تمچر. هنگامو.

گوڙ ڪرڻ؛ هُل ڪرڻ. هنگامو ڪرڻ.

گوڙگهوڙ؛ ذ. ماڻهن جي هجوم جو آواز. هل هنگامو.

گوڙ گهمسان؛ ذ. هل هنگامو. ماڻهن جو ڳاهٽ ۽ انهن جو ڳالهاءُ.

گوڙُو؛ ذ. اجايو هُل ڪندڙ.

گوزُ؛ ذ (ف) تِٽُ- ريحَ.

گوز ڇڏڻ؛ تِٽَ ڏيڻ. اجايون ڳالهيون ڪرڻ. بيهوديون ڳالهيون ڪرڻ. ٺٽاڪون هڻڻ.

گوسفَندُ؛ ذ (ف) گهيٽو. ٻڪرُ.

گوسِڙُو؛ ص. گسائيندڙ. لاڳيتو نہ ايندڙ. پابندي سان حاضر نہ رهندڙ- نٽائيندڙ (ملازمت وغيره کان).

گوشُ؛ ذ (ف) ڪَنُ.

گوش گذار ڪرڻ؛ ڪن تي وجهڻ. آگاه ڪرڻ. عرض ڪرڻ.

گوش ڪرڻ؛ ڪن ڏيڻ. ڌيان سان ٻڌڻ. احتراض ڪرڻ- پاسو ڪرڻ.

گوشتُ؛ ذ (ف) ماهہ- ماسُ- لحم.

گوشمالي؛ ث (ف) ڪَنَ مهٽَ. سيڪت- سزا. تنبيه- جٺ ڦِٽ.

گوشائتو؛ ظ. پاسي ڪنڊ- ڪنڊ پاسي تي. هڪ پاسي- ڪنڊ ۾- خلوت ۾. اڪيلو- اڪيلائي ۾. ڳجهو- لڪل- مخفي.

گوشو؛ ذ (ف) ڪُنڊ. پاسو.

گوشو ڪرڻ؛ پاسو ڪرڻ- پري ٿيڻ. ٽري وڃڻ- ٽارو ڪرڻ.

گوشوارہ؛ ذ (ف) ڪن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهہ. حساب ڪتاب جو اختصار.

گوشہ؛ ذ (ف) ڪُنڊ. پاسو- طرف. ڪنارو. اڪيلائي. خلوت.

گوشہ عافيت؛ ذ. امن امان وارو هنڌ.

گوشہ نشين؛ ص. خلوت نشين- اڪيلائي پسند.

گوشہ نيشني؛ ث. تنهائي- اڪيلائي.

گوشي؛ ث. اُها مينهن جنهن جا سڱُ مٿي کان ڪن ڏانهن وريل هجن.

گوڪڙُو؛ ذ. هڪ قسم جو ٻُوٽو (جنهن جو ٻج ٽڪنبو ٿئي)- ٽڪنبي.

گوگائي؛ ث. ڳاڙهين مرچن جو هڪ قسم.

گوگڙو؛ ذ. وڻن جو ڏينو.

گوگڙو، ذ. هڪ قسم جو اوبڙ (ياجي طور ڪم اچي)– شلغم.

گوگهاٽ، گوگهٽ، ذ. زور تکو آواز– گهوگهاٽ.

گوگهو، ذ. گهٽو– گهوگهو.

گولُ، ذ. دائرو– گهيرو– گِردو– چڪر– ڦيرو. (ص) گولائي ۾– ڦيرائون– چڪردار.

گول مولُ، ص. ٿلهو متارو. منجهيل. مبهم.

گولُ، ذ (انگ) فوٽ بال يا هاڪي راند ۾ ميدان جي پاسن کان ٺهيل پڃرو (جنهن ۾ بال وجهڻ سان راند پوري ٿئي).

گولاڙو، ذ. ٻانهون– غلام. نوڪر. هڪ قسم جي ول ۽ ان جو ڦلُ (جيڪو ڳاڙهي رنگ جو ٿئي ۽ دَٽ طور ڪم اچي).

گولائي، ث. دور– چڪر– گهيرو. ور– ڏنگائي.

گولپ، گولِپو، ذ. ٻانهپ– غلامي. خدمت– چاڪري– ٽهل.

گولڇي، ث. رازڪي ڪم جو هڪ اوزار.

گولو، ذ (ف) ڪابہ گول شيءِ. گول. پٿر يا لوهہ جو گولائيءَ ۾ ٺهيل ڳوڙهو (توف ۾ وجهي اُڇلائڻ لاءِ). ڌرتيءَ جو گولو. (سن) خريد ڪيل خدمتگار– ٻانهون– غلام. نوڪر– چاڪر.

گولہ باري، ث. توف مان گولا اُڇلائڻ. لاڳيتو گولن جو وسڪارو.

گولي، ث. شيشي يا لوهہ جو گول ڇڏو (بندوق، پستول وغيره ۾ وجهڻ لاءِ). دوا جي ٽِڪي– حَبُ. ٻاراڻي راند لاءِ شيشي جو ڇڏو– بلور. ٻانهي– غلام.

گولي ڏيڻ، ختم ڪرڻ. گم ڪرڻ– چوراڻو.

گولي کائڻ، چوٽ کائڻ. نقصان سهڻ. دوا جي ٽڪي کائڻ.

گوليمار، ث. نشان چٽڻ جو هنڌ.

گوماندَرُ، ذ. هڪ قسم جو پسارڪو وکر.

گومگو، ث (ف) شڪ شبهو– وسوسو. پيش پيش.

گوڻ، ث. ڪپڙي جو هڪ قسم.

گون، گونہ، ذ (ف) رنگ– وَرن. روش– ڍنگ. صفاتي پڇاڙي طور ڪم ايندڙ لفظ (لالہ گون، گُلگون وغيره).

گوناگونہ، ص (ف) رنگارنگي. طرحين طرحين– قسمين قسمين.

گونٽو، ذ. سيمِ يا زريءَ جي ڀانڪ.

گونجَ، ث. پڙاڏو. پڙلاءُ. آواز.

گونجارَ، ث. گونج.

گونجَڻُ، م. ڇٽني پاسي آواز ٿيڻ. آواز جو ڦهلجڻ. پڙاڏو ٿيڻ.

گوندَرُ، ذ. وڇوڙو– فراق– جدائي. جدائيءَ جو غم. ڏکُ– غم.

گوندر وَلِ، ث. وَل جو هڪ قسم جيڪا پاليءَ تي ٿئي.

گوندو، ذ. ڪپڙي جا ٻہ پاسا ٻڌي ٺاهيل جهولي. جهول– ڪانيو. کيسو. ننڍن چيلن بند ڪرڻ يا پورڻ جي واڙ. ڳوٺ. ڳوٺ جي پر واري ٻني. ڳوٺ جو گس. سوڙهي جاءِ.

گونرو، ذ. ڪنواٽ.

گونگائي، ث. بي زباني. ماٺ– خاموشي.

گونگو، ص. ڳالهائي نہ سگهندڙ– بي زبان. ماٺ چُپ. (ث. گونگي).

گونگِي گاہ، ص. نہ ڪڇندڙ. ٺور ڳالهائو. ماٺيڻو.

گونهہ، گونهن، ذ. انسان جي پيٽ مان نڪتل پاخانو– ٺورو– ڪرفتي.

گونهہ ڪرڻ؛ هنگڻ. بدنامي جهڙا ڪم ڪرڻ. نقصان جهڙو ڪم ڪرڻ.

گونهہ کائڻ؛ ڪوڙ ڳالهائڻ. بڪڻ. گلا ڪرڻ.

گونهہ مانا ٿاڻ؛ تمام بيڙو ٿيڻ. هوش ڪان نڪرڻ. چرين واري حالت ٿيڻ.

گونهہ مُٽُ ڪڍڻ؛ نهايت خدمت ڪرڻ. تيمارداري ڪرڻ.

گونهانديِ؛ ث. ٽنڊو. رَڏي. اجايو ضد. بحث. جٺ.

گونهاندي ڪرڻ؛ اجايو ٽنڊو ڪرڻ. نهيل ڪم ۾ رڪاوٽ وجهڻ. ضد ڪرڻ.

گونهہ خور؛ ذ. ڏوند کائيندڙ هڪ قسم جو پکي- مردارخور.

گونِي؛ ث. ٿليلي ٿاٽ جو "لاڙ" ۾ نالو.

گونِيا؛ ث. واڍڪي رازڪي ڪم جو هڪ اوزار.

گونِي ڪُندَ؛ ث. جاميٽري موجب نوي درجن واري ڪُند.

گوهَرِ؛ ث. ڏڳين مينهن چوپائيُ مال جو گڏيل ڌڻ.

گوهَرُ؛ ذ (ف) موتي. مالڪ. جوهر. هيرو. ڪوبہ قيمتي مٽيو مٽڪو.

گوهر افشان؛ ص. موتي وسائيندڙ. سهڻي گفتگو ڪندڙ.

گوهَرِي؛ ص. جوهري- جواهري. هيرن موتين جو پارکو ۽ واپاري.

گوُهو؛ ذ. ٽٽڻ مان نڪتل ڪِيرَ جي ڌار. گؤنچ مان نڪتل ڪچڙي ٽاري.

گوها هڻڻ؛ ڪير جون سيڙهون هڻڻ- وات ۾ ڪير جا گوها جهلڻ.

گوهِي؛ ث. پيچ واري لوهہ- کُهَت- کهِتاڙي. ولو- ٿيرو.

گوهي ڪرڻ؛ ٿيرو کائڻ. پاڻ بچائي پچي وڃڻ. بهانو ڪري ٽٽائي وڃڻ. اٽڪل سان پچي وڃڻ.

گوءِ؛ ث. چوگان ۾ ڪتل ڪاٺ جي ڪلي (جيڪا گهوڙي سوار تيز گهوڙو ڀڄائيندي ڏگهو چهنبيارو نيزو چُڀائي ڪِلي کڻي وٺي). بازي- شرط. حقي يا چلم جي ٽڙاندي.

گوءِ کٽڻ. کڻڻ؛ مقابلي ۾ سوڀ ڪرڻ. بازي کٽڻ- شرط کٽڻ. سرسي ڪرڻ.

گويا؛ ص (ف) ڳالهائيندڙ. (ظ) مثل- جهڙو- هوبهو. غالبا.

گويا گفتارَ؛ ث. ڳالهہ ٻولهہ- گفتگو. چَوُپچؤ. چؤبولو. رهاڻ- ڪچهري.

گويائِي؛ ث (ف) ڳالهائڻ جي طاقت. گفتار. ڳالهہ ٻولهہ.

گوَيو؛ ص. ڳائڻو- وڏو ڳائڻو. ڪلونت.

گهہَ (ث) ، گهہُ؛ ذ. رَڏِي- ضد. نابري. نٽائڻ لاءِ بهانو. نٽرپائي. گوهِي.

گهُہ ڪرڻ؛ رڏي ڪرڻ- اڙي ڪرڻ. ضد ڪَري بيهي رهڻ.

گِهہُ؛ ذ. ڻائيل مکڻ- گيهہ.

گهِپي، گهَوِپي؛ ث. کِلکل- کُرکُر- کِٽ پِٽ. بحث- رڳڙو- ڌانڌلي. ريڙ پيڙهہ.

گهپي ڪرڻ؛ اجايو رڳڙو ڪرڻ. کِٽِ پِٽ ڪرڻ. ريڙهہ پيڙهہ ڪرڻ.

گهَہ پيهہ؛ ث. ڪلهي گس جي هجوم جي سوڙهہ.

گهَجَڻُ؛ م. ٻہ شيون پاڻ ۾ گسڻ- رهڙجڻ.

گهِرَ؛ ث. گهِلَ- سُستي.

گهَرُ؛ ذ (ف) گوهر. موتي- مٽيو.

گهَرائِي؛ ث. اونهائي. گهاٽائي (رنگ جي). ويجهائي

(دوستي يا مائٽي جي)
گِهَرَڻُ، مـ. گهِلڻ. ريڙهڻ- سيرڻ.
گهَرو، ص. اونهون- عميق- اتاهہ. گهاٽو (رنگ). ويجهو (عزيز- دوست) (ث. گهَرِي).
گهِرِي ٽِنڊَ، ث. گهاٽي ننڊ- ڳاڍي ننڊ.
گهَڪو، ذ. زور سان گـاٺ- رهڙو. مَهٽو- رَهٽو. گسِڪو. ڪوندي ۾ پيل شيءِ کي ڏنڊي سان رهڙو.
گهَڪا ڏيڻ، زور سان گسائڻ. رهڙا ڏيڻ. وَڍ وجهڻ (ڪاتي وغيره سان).
گهَگِيرُ، ذ (ف) اڻ سيڪاريل گهوڙو. (ص) گهَهَ ڪندڙ- اهنڊ (وهٽ). نٽائيندڙ. بهاني باز. سرڪش (گهوڙو).
گهِلَ، ث. گهلڻ جو ڪم. ڇِڪَ. ڍِرَ. سستي. دير. اينگهہ- بيگهہ. ريڙهہ پيڙهہ.
گهِلَ گِهلان، ث. ڇڪ تاڻ.
گهَل گِينداڙ، ث. ڇڪتاڻ، ريڙهہ سيڙهہ. ريڙهہ پيڙهہ.
گِهلَڻُ، مـ. ريڙهڻ. ڇِڪڻ. گِهرڻ. گڏ وٺي وڃڻ.
گِهلي وِڃڻ، زوري وٺي وڃڻ. ڇڪي ٽالي وٺي وڃڻ. ڪاهي وڃڻ.
گهَڻُ، مـ. گسائڻ. رڳڙڻ. رهڙڻ. مهٽڻ. گاٺ ڪرڻ. گهڪو ڏيڻ.
گهَوارو، ذ (ف) پينگهو- جهُولو. لوڏ.
گهُوشالا، ث. گانين جو واڙو- ڳواڙِي.
گهُومَتِيا، ث. (هندن ۾) ڳئون کي مارڻ يا ڪُهڻ جو پاپُ.
گهُون، ظ. گمُ- غائب- الوپ.
گهُون ڪرڻ، گم ڪرڻ. غرق ڪرڻ. ناس ڪرڻ.
گهُونچُ، ذ. وڻ يا ٻوٽي جا تازا نڪتل پَنَ.

گِيالِي، ث (ف) ننڍڙو غاليچو.
گِيانُ، ذ (سن) علم- ڄاڻ. وديا. عقل. دانائي. معرفت جو علم.
گِيانِي، ص. عقلمند- داناءُ. عالم. عارف. فلاسفر.
گِياهُ، ذ (ف) گاهہُ.
گِيتُ، ذ. گانو- راڳ- نغمو- سرود. شعر- نظم.
گيت ڳائڻ، تعريف ڪرڻ- ساراهڻ.
گِيتا، ث (سن) هندن جو پَوِترَ نظم. مهاڀاري جنگ ۾ ڪرشن مهراج ۽ ارجن پانڊوَ جي وچ ۾ سوالن جوابن وارو ڌرمي ڪتاب.
گِيتِي، ث (ف) دنيا- جهان- جڳت- سنسار. زمانو.
گيتِي آرا، ص. دنيا کي سينگاريندڙ. نهايت سهڻو.
گيتِي آفرين، ذ. دنيا کي پيدا ڪندڙ- خداتعاليٰ.
گيتِي پناه، ص. دنيا کي پناه ڏيندڙ- بادشاه.
گِيچَڻُ، ذ. پَرُوڻ- ڇاڻي.
گيدِڙي، ص. گدڙن جو شڪار ڪندڙ. ميرا ۽ چنل ڪپڙا ڍڪيندڙ. گدلو- ميرو.
گِيدو، ذ. کِيسو- جيبُ.
گيدُوڙو، ذ. "گيدوڙي" وڻ جو ڦر- ليسوڙو.
گيدوڙِي، ث. هڪ قسم جو وڻ (جنهن ۾ گيدوڙا ٿين).
گِيدِي، ص (ف) بي غيرت. ڀڙوو. بزدل- ڪانئر. بي همت.
گيرَ، ث. ڪُتي جي هلڪي آهستي ڀَٺونڪ. ڌڙڪي- ڇڙٻ.
گيرَ ڪرڻ، ڪتي وانگر وڙهڻ. ڀٺونڪي وڙهڻ.
گِير، امر (ف) وٺ- جَهل- پڪڙ. اسم سان ملي فاعل جي معنيٰ ڏيندڙ لفظ (جيئن عالمگير،

دستگير وغيره).

گيرودار، ث. وٺ پڪڙ. لڙائي.

گيراِئي، ث. بيهوشي. ساڻائي. مانداڻي. تنبڪ جو خمار. نشي جو اوتار.

گيرَبُ، ذ. غرور- هٺ- گهمنڊ- تڪبر.

گيرَتِ، ث. تر ۾ گڏ تيل تيل. سٿپ. ميل وغيره.

گيرو، ص. نشي ۾ خطا. خماريل. تنڊاڪڙو. ڳهريل.

گيڙ، ث. نارَ کي هڪڙو گهمرو ڦيرو ڏيڻ جي حالت.

گيڙَڻُ، م. هرلي يا نار کي ڦيرو ڏيڻ.

گيڙو، ذ. نار يا هرلي کي گهمرو- ڦيرو. پيڙيءَ کي لهوارو ڦيرو.

گيڙُو، ذ. هڪ قسم جي ڳاڙهي مٽي جنهن سان جوڳي ڪپڙا رڱين. هڪ قسم جو رنگ- لياري رنگ.

گيسَ، ث. گِيسي- ريڙهي. آڻ ميڻ.

گيسَ گيسَ ڪرڻ، ٻٽي جي هٿ جي ترِيءَ ۾ آڱر گسائڻ (چيڙائڻ لاءِ).

گيسمارو، ذ. پورهيو. ٽهل- چاڪري.

گيساٽو، ذ. رهڙ. ڳاٽ جو گهڪو.

گيساٽا ڪائڻ، ڏک ڏسڻ- عذاب سهڻ. تڪليف واري زندگي گذارڻ. منٿون ڪرڻ.

گيسِر، ص. گيسيون ڪندڙ. ريڙهيون پائيندڙ.

گيسَرَ، ث. دِرَ- سستي- دير- اوير. سيڙاپو.

گيسَر ڪرڻ، دير ڪرڻ. سستي ڪرڻ. برائي ڪرڻ.

گيسَرِڻُ، م. گيسيون ڏيئي رڙهڻ. گيسر ڪرڻ.

گيسُو، ذ (ف) عورتن جا ڊگها وارَ- زلف- ڪاڪُلَ.

گِيسِي، ث. ريڙهي. عاجزي ڏيکارڻ لاءِ زمين تي ٻُنڊڙ ڪوڙي رڙهڻ. پڇتاءُ. اُٺ جي پٽڙي ٽيڪ.

گِيسِي ڪرڻ، زمين تي ويهي ريڙهي پائڻ. عاجزي ڪرڻ. پڇتاءُ ڪرڻ. توبهه ڪرڻ.

گيڪُ، ذ. يونگ- مِڪرُ. بهانو. بهانو ڪري ڏَٽُ هڻڻ.

گيڪي، ص. مڪريل- بهاني باز- يونگي.

گِيگمُ، ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم (سوٽي ۽ پٽن وارو). ريشمي ڪپڙو.

گيلرِي، ث (انگ) ديول. جاءِ يا ٿيٽر ۾ ويهڻ جي مٿانهين جاءِ- بالڪني. نگارخانو.

گيلَنُ، ذ (انگ) پائيٽ ماپڻ جو هڪ ماپو.

گِيِنُ، ص (ف) ڀُرُ- ڀريل. صفاتي پڇاڙي طور ڪم ايندڙ (جيئن غمگين وغيره).

گينداڙَ، ث. پتوڙ- چاچول- جهڳور.

گِينداڙَڻُ، م. پتوڙڻ- چاچولڻُ. جهڳورڻ. ڏونداڙڻ.

گيندو، ذ. هڪ قسم جو گل. هڪ قسم جو جهنگلي جانور.

گينڊِي، ث. هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ پيت ۾ لڳل هڪ قسم جو ٿانءُ.

گينوارَ، ث. خُمار (نشي جو). الغرضائي- بي پرواهي. سستي. غرور.

گينوارجَڻُ، م. خمار ۾ اچڻ. تنڊاڪڙو ٿيڻ. مست ٿيڻ (نشي ۾).

گِيهَ، ث. گِهلَ- گيسر.

گِيهُ. گيهُ، ذ. ٽائيل مکڻ- گِهُ.

گِيهَرُ، ذ. مٺائي جو هڪ قسم- وڏي ٿُلهي جليبي.

گِيهَرَڻُ، م. گهلڻ- گِهرَڻُ.

گِيهو، ذ. پَٽ تي گهلجڻ جو نشان- گهڪو.

گِيهِي، ص. گيهه جو واپاري. ماڻهوءَ جو نالو.

ڳ

ڳ، ث. (اُچار 'ڳي') سنڌي "الف- بي" جو ٻائيتاليهون اکر.

ڳاٽُ، ذ. ڳچي- ڪَنڌُ. ڳاٽو.

ڳاٽ ڪٽڻ، ڪنڌ ڪٽڻ- ڪنڌ مٿي ڪرڻ.

ڳاٽو، ذ. ڳاٽُ- ڪنڌ.

ڳاٽو ڀڃڻ، ڪنڌ ڀڃڻ. هٺ ڀڃڻ.

ڳاٽي پر ڪرڻ، ڪنڌ پر ڪرڻ. ڳهٽي نقصان هيٺ اچڻ.

ڳاٽي لٿو، ص. ڪنڌ لٿو- ڪنڌ ڀڳو.

ڳاٽِي، ث. ڪپڙي سان جسم کي ڍڪڻ جو هڪ نمونو (پوتي يا چادر جون ڪُنڊون ڪنڌ ڪان ورائي، ڪَڇُن ڪان ڪڍي ڪنڌ تي ٻڌي ڇڏجن).

ڳاڇُ، ذ. ڳٿپ- شمار.

ڳاڇُ، ڳاڄُ، ذ. ڳيچ- ڳيتُ ڳائڻ (سهرا ۽ لاڏا).

ڳاڏِي، ث. نار. هرلي يا گهاڻي واري اُها بينڪ جتي هڪلڻ وارو ويهي.

ڳارُ، ذ. ڳريل مٽيءَ وانگر پاڻُ.

ڳاراڻو، ذ. شادمانو- خوشي (جنهن ۾ ڳائڻ وڄائڻ ٿئي).

ڳارالو، ذ. جسم کي ڳاريندڙ مرض. جهوري- اُڪير. فراق. ڏک. وِڇوڙو.

ڳارائِڻُ، م. راڳ ڇوائڻ- ڳائڻ ڪرائڻ.

ڳارَڻُ، م. پگهارڻ- رچائڻ. وِگهارڻ. نرم ڪرڻ. هيٺو ڪرڻ (جسم). ضايع ڪرڻ.

ڳارو، ذ. پگهار- وِگهارُ- ڳڏار. نرمي. ڳارالو- جهوري- ڳٿتي. ڪمزوري (بيماريءَ سبب). جَنڊ جي مٿئين پُڙ وارو خال (جنهن ۾ آن جي ڳَڪي وجهجي). ڳچيءَ ۾ وڌل ڪپڙو (منت ڪرڻ يا آن مڃي پيش پوڻ لاءِ). جانور کي ڳچيءَ ۾ وڌل رسو.

ڳارِي، ث. نوڙي- ڳچيءَ ۾ ٻڌل نوڙهو. پکين ڦاسائڻ جو دام. ڦاهي- ڦندو. ٻيڙي پائڻ جو ڪاڄُ.

ڳاڙُ، ذ. ڦُڙو ڦُڙو ٿي ٽمي ڳڏ ٿيل گهاٽي پاڻيٺ (پُساڻل وکر يا آفيم). ڦُڙو- ٽيپو.

ڳاڙَڻُ، م. ڦُڙو ڦُڙو ڪري وهائڻ- ٽمائڻ. وهائڻ (ڳوڙها).

ڳاڙو، ذ. ٽيپو- قطرو. ڳريل آفيم جو پَهو.

ڳاڙهَ، ث. ڳاڙهاڻ- لالائي- سُرخي.

ڳاڙهاڻِ، ڳاڙهائِي، ث. سُرخي- لالائي- شفق.

ڳاڙهہ ٽِهي، ث. جوئر جو هڪ قسم.

ڳاڙهہ ڳلو، ص. ڳاڙهن ڳٽن وارو نوجوان (جنهن جي منهن ۾ رت جي لالائي ٿئي).

ڳاڙهو، ص. لال- سُرخ. رَتو. ڳاڙهي رنگ وارو.

ڳاڙهو ٿيڻ، رت هاڻو ٿيڻ. رڃي ريٽو ٿيڻ. تپي لال ٿيڻ. ڪاوڙ ۾ يا لڄ ۾ منهن لال ٿيڻ.

ڳاڙِهي، ث. سرخ- لال- ڳاڙهي رنگ جي.

ڳاڙهيرو، ص. تورو ڳاڙهو.

ڳاڙهي سِڄُ، ظ. شفق جي مهل- نما شام جي وقت.

ڳاڳا، ذ. 'ڳاڳِي' ول جو ڦر (جيڪو ڏٿ طور ڪم اچي).

ڳاڳي، ث. ڳاڳي جي ول.

ڳالِهہ، ث. جملو- فقرو- ٻولُ. بيان- قصو- ڪهاڻي. داستان. قول. ماجرا. حال. واقعو. احوال. نصيحت- نُڪتو. گفتگو. بحث. حالت- صورت. مطلب- مقصد. غرض. راز- ڀيد. عزت- شان. تعريف- ساراهہ. سبب. شادي جو پيغام.

ڳالهہ اُٿارڻ، معاملو پيدا ڪرڻ. هُلُ هَلائڻ.

ڳالھہ ٻولھہ؛ ث. گفتگو. بحث. قيل مقال.

ڳالھہ تي چڙھڻ؛ ضد تي چڙھڻ- پنھنجي ڳالھہ تي قائم رھڻ.

ڳالھہ ٽڙي ٿيڻ؛ جھيڙو ٽرڻ- معاملو ختم ٿيڻ.

ڳالھہ ٽارڻ؛ معاملو رفع دفع ڪرڻ. جھيڙو ختم ڪرڻ.

ڳالھہ ٺاھڻ؛ بھانو بنائڻ. ڪوڙ ڪرڻ.

ڳالھہ پچڻ؛ احوال پچڻ. واقعي جي پيچا ڳاڇا ڪرڻ. راز معلوم ڪرڻ.

ڳالھہ پَڪي ٿيڻ؛ سڱاوتي جي پڪ ملڻ. شادي وغيره جي تاريخ نروار ٿيڻ.

ڳالھہ رھي اچڻ؛ عزت رھڻ. اعتبار رھڻ. ڀرم رھڻ. وعدو پورو ٿيڻ.

ڳالھہ سُجھڻ؛ ڪا نئين ڳالھہ خيال ۾ اچڻ. اٽڪل يا تجويز سمجھہ ۾ اچڻ.

ڳالھہ ڪرڻ؛ گفتگو ڪرڻ. بيان ڪرڻ. ڪجھہ چوڻ. حقيقت ٻڌائڻ. احوال ڏيڻ.

ڳالھہ کولڻ؛ صاف ڳالھہ ڪرڻ. راز ظاھر ڪرڻ. سچو واقعو بيان ڪرڻ.

ڳالھہ ڳالھہ ۾؛ ظ. ھر ڳالھہ ۾ ذري ذري- ھر گھڙي.

ڳالھہ ڳنڍ ٻڌڻ؛ ڪنھن بہ ڳالھہ تي ضد ٻڌي ويھڻ.

ڳالھہ مُھاڙ؛ ث. خبرچار- حال احوال. ذڪر اذڪار- گفتگو.

ڳالھہ وڌائڻ؛ معاملو يا جھيڙو ڊگھو ڪرڻ. بحث وڌائڻ. ڳالھہ پکيڙڻ.

ڳالھہ وسارڻ؛ ٻُڌي اڻ ٻُڌي ڪرڻ. وعدو پورو نہ ڪرڻ.

ڳالھہ هُلڻ؛ ذڪر ٿيڻ- چَوپَچو ٿيڻ. مشھور ٿيڻ.

ڳالھيہ ڳالھيہ ۾؛ ظ. ڳالھيون ڪندي. ڪلندي کلندي. اُتي جو اُتي. انھي وقت .

ڳالھيہ جو ڳھيرُ؛ ص. گھڻيون ڳالھيون ڪندڙ. گھڻ ڳالھائو. ڪچھريءَ جو ڪوڏيو.

ڳالھاءُ؛ ذ. ڳالھائڻ جو آواز.

ڳالھاوَ ڏيڻ؛ جٺ ٺٺ ڪرڻ. تنبيھہ ڪرڻ. گھٽ وڌ ڳالھائڻ.

ڳالھيُ، ڳالھيَرُ؛ ص. گھڻو ڳالھائيندڙ. ٻٽاڪي. قصا ڪھاڻيون ٻڌائيندڙ.

ڳالھوُ؛ ذ. نوريٽڙو- نولو.

ڳالھائِڻُ؛ م. ٻولڻ- اکڻ- ڪَھڻ- چوڻ. گفتگو ڪرڻ. ذڪر ڪرڻ. بيان ڪرڻ.

ڳالھائِڻُ؛ ذ. چينبي- دڙڪو دھمان. تنبيھہ.

ڳالھائڻ ڏيڻ؛ گھٽ وڌ ڳالھائڻ- جُٺِ ڪرڻ. تنبيھہ ڪرڻ.

ڳاموڙ، ڳاموٽ؛ ث. جسم ۾ سُستي. سنڌن ۾ ڪيرائي. ٿڪ يا ننڊ جو خمار. بخار سبب بدن ۾ ياچَ. موڳائي (لڳڻ ۾).

ڳانڍاپو؛ ذ. تعلق- لاڳاپو- واسطو. ويجھائي- قربت. ناتو- مائٽي.

ڳانڍوُ؛ ص. ڳنڍيل- جُٽ. ڀائيوار. شريڪ گڏيل- لاڳو.

ڳانڍو؛ ذ. ڳانڍاپو- تعلق- لاڳاپو- واسطو. شراڪت.

ڳانو؛ ذ. سوٽي يا ريشمي ڏوري (جيڪا سونھن خاطر ڳچيءَ ۾ ٻڌجي)- ڳاني. ڪاري سٽ مان وٽيل دعا جو تاڳو. چوڀائي مال يا وھٽ کي سونھن خاطر ٻڌل ڪوڏين ۽ مڻڪن جي ڳاني. شاديءَ جي ھڪ رسم موجب گھوٽ ڪنوار کي ٻانھن ۾ ٻڌڻ جو ڳاڙھو سجاتي جو تاڳو. پکي جي ڳچيءَ ۾ قدرتي ليڪو. ڳچيءَ ۾ پائڻ جو ھڪ ڳھہ.

ڳاني؛ ث. ڳانو.

ڳاهِ؛ ث. ڳڻپ- شمار- انداز.

ڳاهِ ڳڻيو؛ ص. ڳڻڻ ۾ ايندڙ. مشهور. تمام تورو- تمام گهٽ. ٿالهي ماتر.

ڳاڻاٽو. ڳاڻيٽو؛ ذ. شمار- ڳڻپ.

ڳاهہ؛ ث. آن ڳاهڻ جو عمل- هَلَر- لتڙ. پيهت- سخت پرڙهيو. سوڙهہ- تنگي. ڪشالو- سَختي. ڪنهن قصي يا داستان جي وچ ۾ آيل بيت (جيڪو ڪنهن ڳالهہ طرف اشارو ڪري). اشارو- مام. ڳجهارت وارو بيت.

ڳاهہ ڳاهڻُ؛ ذ. ڪشالا ڪرڻ. مصيبت ڪاٽڻ.

ڳاهہُ؛ ذ. ڪاڄ- ڇُولو. مجيءَ ڦاسائڻ لاءِ ڪُنڍيءَ ۾ وتل چارو. لَبُ- لالچ. ڪوس- خونريزي- مارو- قتل عام. جنگ.

ڳاهَٽُ؛ ذ. ماڻهن جو انبوه. ماڻهن جي پيهت- سوڙهہ- گپاگِيهہ.

ڳاهِڻُ؛ م. ڪري ۾ گڏ تيل وَلِ تي ڍڳا هلائي سنگن مان اَنُ ڪڍڻ- هلر ڪرڻ- هلر هلائڻ. لتاڙڻ. لتاڙ ڪرڻ. عذاب ڏيڻ- چلهڻ.

ڳاهِي؛ ث. ڦندو- ڳارِي.

ڳائڻُ؛ م. آلاپڻ. سُر سان آلاپڻ. راڳ ڪرڻ. تنوارڻ. ساراهڻ. بيان ڪرڻ. (ذ) گانو- نغمو. راڳ.

ڳائڻو؛ ص. ڳائيندڙ- راڳي. گَوَيو- ڪلونت. (ث. ڳائڻي).

ڳائڻ وڄائڻ؛ ذ. راڳ روپ- راڳ رنگ. ڳائڻ جي محفل.

ڳائو؛ ص. ڳئون جو (کير. مکڻ. گيهہ. گوشت).

ڳائي گيهہ جهڙو؛ ص. نج- کرو- صاف. سچو.

ڳاڻو؛ ذ. ٻن ميلن جو مفاصلو- ڪوهہ.

ڳَبُ؛ ذ. پيٽ (جانور جو). عورت کي پيٽ ۾ ٿيل ٻار- حمل. وڻ يا ٻوڪ جو اندريون ڪچو مادو- جيءُ. گودو- ڳِرُ. مغز- تخم.

ڳِبجَڻُ؛ م. ڳِپ ڪرڻ- ٿر ڪَرڻ. ڳِپ جهلڻ.

ڳَڀرُو؛ ص. نوجوان- نَوخيز (جنهن کي اڃان ڏاڙهي نہ آئي هجي). لاسڙيات. ڇوڪرو.

ڳڀو؛ ذ. ٽڪرو- تورو ياگو. ٻورُ (مانيءَ جو).

ڳَڀي؛ ث. مڇيءَ جو ٻيرو.

ڳڀيرَهَ؛ ث. تخم جهلڻ واري جاءِ. ٻچي داني.

ڳتِ؛ ث. گتِ- چال- روش.

ڳَتَ؛ ث. وارن جي ڳنڍيل چڳ- چوٽي. موتين جي ٻوچ- مڙهت.

ڳترو؛ ذ. وڏيل ٽڪر- ٽڪرو. ٻيرو. ڳڀو.

ڳترا ڪرڻ؛ وڏي ٽُڪر ٽُڪر ڪرڻ. ٻيرا ڪرڻ.

ڳَتڻُ؛ م. ڳنڍڻ (وار). ڳنڍڻ- جڙڻ (موتي). ڳوپڻ.

ڳتيلُ؛ ص. ڳنڍيل (وار). مڙهيل (موتي). ڳنڍيل- مليل. ڳوپيل.

ڳِتُر. ڳِتُرُ؛ ذ. ڪنڌ- گردن- ڳچي.

ڳِتو. ڳِٿو؛ ذ. ڳڙڪ- لوگهو- ٻرگهل. ڀت ۾ وڏو سوراخ. دري. وٿي- خال. لنگهہ.

ڳٽُ؛ ذ. ڳچيءَ ۾ ٻڌل رسو. طوق. ڪُتي جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل رسو يا پٽو. ڦاهي. ڳچي ۾ پائڻ جو هڪ ڳهہ.

ڳٽ ڳچيءَ ۾ وجهڻ؛ پاڻ کي مصيبت ۾ وجهڻ. ڏکي ذميداري مٿي تي کڻڻ.

ڳَٽُ. ڳَٽَ؛ ذ. ڳِلُ- مِٽُ- رخسار. وڏو گراٽهہ.

ڳٽڪارَ؛ ث. زبان جي پاسي ۽ ڳل جي ملائڻ سان نڪتل آواز (مال. پکين وغيره کي سڏڻ لاءِ ۽ وهٽ کي هلائڻ لاءِ). ٻار کي پيار مان سڏڻ جو آواز.

ڳٽڪارَ؛ ث. پکين جو آواز- ڳٽ ڳٽ.

ڳٽڪارَڻُ؛ م. جانورن ۽ پکين کي ڇڪارڻ. پيار مان ڳٽڪار ڪرڻ. ڳٽ ڳٽ ڪرڻ (پکي).

ڳٽڪَڻُ؛ م. ڳٽڪارون ڏيڻ. ٺهڪڙو ڪرڻ. کِلَ

مسخري ڪرڻ.
ڳُٽڪَڻُ: م. ڳيري جو ڳٽ ڳٽ ڪرڻ.
ڳُٽڪو: ذ. ننڍو ڪتاب. ٻن چئن ڪتابڙن جو مجموعو. حقي يا چلم جي ٽوپيءَ ۾ تماڪ جي هيٺان رکڻ لاءِ پتر وغيره- چُغل. طبي اصطلاح ۾ پاري مان ٺهيل گوري. (ص) قد جو ننڍو پر بدن ۾ پريل (ماڻهو).
ڳٽ ڳٽِ: ث. ڳيري، ڪڪڙ وغيره جو چوڳي وقت آواز. بلبل جو آواز. گهگهيءَ مان پاڻي اوتڻ جو آواز. پاڻي پيئڻ وقت نڙيءَ مان نڪتل آواز.
ڳٽڻُ. ڳٽڻُ: م. ٽڻ ۾ وات وجهي کير ڌائڻ- چجڙڻ.
ڳٽو: ذ. ڳِٽو (پٽ ۾)- لوگهو. واهه وغيره جي پڳل بدن کي ٽنل ڳنڍيو.
ڳِٽو: ذ. ڳل- مِٽَ- رخسار. وڏو گراٽهه- ليوڙو.
ڳِٽا سجائڻ: مِٽون ڦوڪڻ- ڪاوڙجڻ. ناراض ٿيڻ.
ڳٽي: ث. ڏانوڻ (پير ۾ وجهڻ لاءِ). بيڙيون (پيرڪڙيون). زنجير- نِيَرُ. گهوڙي جي پيرن ۾ پيل ڪڙي ۾ ٻڌل رَسِي ٽُڪر.
ڳٽيون پوڻ: پيرن ۾ زنجير پوڻ. ٻنڌڻ پوڻ. سُستي يا ٻرائي ڪرڻ. مصيبت ۾ ڦاسڻ (ڀاراتو).
ڳِٽي: ث. ننڍڙو گراٽهه (جيڪو ٻاڙ وڪائي سگهي). ڪانيءَ جي ڏاند پُڇي ڳِلي.
ڳٽڙي: ث. ٻَري- ڳنڍ- ڦَڙَ. ڪپهه جي ٻچايل ٻَرِي. ناڙي جي ڳوٽري.
ڳٽو: ذ. ڪمند جي لٺين جو ٻڌل بند. ساٺي گاهه (ڪانن) جي ٻَرِي.
ڳَپلُ: ذ. وڏو حصو- وڏو ڀاڱو. گهڻو- جهجهو.
ڳِجهَ: ث. هڪ قسم جو مشهور مردار خور پکي.
ڳُجهُ: ذ. راز- ڀيد. اندر- منجهه- انت. ڳُجهه- پيٽ. راز واري ڳالهه- ڳجهي ڳالهه. قبر جي سامي.
ڳجهه ڳوهَ: ث. لِڪ چپ- رازداري- اخفا.
ڳجهارَتَ: ث. ماٰمَ- اشارو. ٻُجهارت. معمو. اشارن ۽ اهڃاڻن سان پروڙڻ (پڇڻ) واري پرولي.
ڳجهاندَرُ: ذ. ڳجهو راز. ڀيد- راز. اونهون راز.
ڳجهڙو: ص. ڳجهو- لڪل- مخفي. راز لڪائيندڙ. (ث. ڳجهڙي).
ڳجهو: ص. لڪل- پوشيدو- خفيه- مخفي. نامعلوم- اڻ ڄاتل.
ڳَچُ: ذ. گهر- مڪان. آستان. ڪلال خانو.
ڳچَرو: ذ. ڳوٺ. گهر- مڪان. آستان.
ڳَچُ: ذ. ٽڪر- ڀاڱو- وڏو حصو. (ص) گهڻو- زياده- وڌيڪ. ڳپل.
ڳچ جيترو: ص. ڪافي انداز ۾- تمام گهڻو. هيڪاندو. چڱي انداز ۾.
ڳچَ ڪرڻ: ٽُڪرا ڪرڻ- ڀاڱا ڪرڻ.
ڳچ ڳاڙڻ: منجهون هارڻ- ڳوڙها ڳاڙڻ.
ڳچَ ڳنڍڻ: پڳل ڀاڱا ڳنڍڻ. ويڇو ختم ڪرڻ.
ڳچُ: ذ. ڳچي- سِسو- ڪَنڌُ.
ڳِچي: ث. سيسي- ڪنڌ. گلو- گردن.
ڳچيءَ پوڻ: گلي پوڻ. زوري مٿان مڙهجڻ.
ڳچي ڌرتي: ث. سمنڊ ۾ خشڪي جي ٻن حصن کي ڳنڍيندڙ سوڙهي زمين.
ڳچي سمنڊُ: ذ. پاڻيءَ جي ٻن وڏن حصن ۾ ڳنڍيندڙ پاڻيءَ جو سوڙهو حصو.
ڳچو: ذ. ڇڳو (وارن، موتين وغيره جو).
ڳِدڙي: ث. ٽَسَ جي مُوڙهَ. ٽسن ۾ ڳنڍ اڀڻ.
ڳدڙيون پوڻ: ٽسون موڙهجي پوڻ (جنهن ڪري عضوو سيٽجي پوي ۽ سخت سُور ٿئي). ڪمزوري سبب بدن ٽسنو ٿيڻ.

ڳِڏِي؛ ث. ڳِڏڙي.

ڳِڏِيون پوڻ؛ ڳِڏڙيون پوڻ.

ڳِرِ؛ ظ. وَٽ- پرسان. ڏانهن- اوري.

ڳِراهِ؛ ظ. وٽان- کان- ڪَنان- پَران.

ڳِرِ؛ ث. ڳچي- گلو. ڳلَ.

ڳِرِ لائڻ؛ گلي لائڻ. ياڪر پائڻ. ڳِرهاٽڙي پائڻ.

ڳِرِ لڳڻ؛ ڳچيءَ لڳڻ. پُٺ وٺڻ- واسطو رکڻ.

ڳِرُ، ڳِرِ؛ ث. ڳِپُ. ماس (ميويءَ جو)- اندريون رَسُ وارو ڳُودو.

ڳِردارُ؛ ص. ڳِر وارو- ماس يا رس وارو (ميوو وغيره).

ڳِراٽڙِي؛ ث. گلي سان لائڻ- ڳِراٽي- ياڪر.

ڳِراٽڙي پائڻ؛ ياڪر پائڻ. ياڪر پائي دلجوئي ڪرڻ. همدردي ڪرڻ.

ڳِراٽِي، ڳِرهاٽِي؛ ث. ڳِراٽڙي- گلي لڳائڻ.

ڳِراٽي ڏيڻ؛ ياڪر پائي دلجوئي ڪرڻ. محبت سان ياڪر پائڻ.

ڳِرَاڻِ، ڳِرائِي؛ ث. بار- وزن. ڳِري هجڻ جي حالت.

ڳِراهو؛ ذ. چوپائي جي ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ لاءِ رسو.

ڳِرَٽُ؛ ص. ڳڀرُو- لاسڙيات. نوجوان جنهن کي اڃان مُڇن جي ساوڪ نہ هجي.

ڳِرَ ڪُرِي؛ ث. حمل واري زال- ڳورهاري- پيٽ سان- حامله.

ڳِرَڻُ؛ م. رِجڻ- پگهرڻ. نرم ٿيڻ. پاڻي ٿيڻ. ڪمزور ٿيڻ (بيماريءَ سبب). رڌجڻ (کاڌو). ضايع ٿيڻ.

ڳِري وڃڻ؛ جسم ڪمزور ٿيڻ. هضم ٿيڻ.

ڳِرَو؛ ص. ڀاري- وزني- گران. ثقيل- دير هضم (کاڌو). قيمتي- وڏي ملهه وارو. بردبار- سنجيدو. ٿلهو- جسم ۾ موٽو. نڀاڳو- منحوس.

ڳِرَو؛ ذ. گلو- ڳچي.

ڳِري پوڻ؛ ڳچي ۾ پوڻ. ڪنڌ ۾ پوڻ.

ڳِري لڳائڻ؛ گلي لڳائڻ- ياڪر پائڻ- ڳِراٽي ڏيڻ.

ڳِرو؛ ذ. نڙيءَ وارو ڀاڱو- نِڙي- ڳچي- ڪنڌ. سِينو- ڇاتي- ڪوڙو. چوپائي مال کي ڳچيءَ ۾ نڪتل ڳوڙهو. ڳچيءَ ۾ پيل رسو- ڳِرَهو.

ڳِرهاٽِي؛ ث. ڳِراٽِي. ياڪر.

ڳِرهاڙِي، ڳِرهَڙِي؛ ث. ڳِڙُ گيهہ وجهي پچايل ماني- ٻُسري.

ڳِرَهجَڻُ؛ م. گلي لڳڻ- پرچڻ- سرچڻ- ريجهڻ.

ڳِرَهڻُ؛ م. حال اورڻ- حال ونڊڻ. ڏک سور ٻڌائڻ. محبت ڪرڻ. رهاڻ ڪرڻ.

ڳِرَهو؛ ذ. چوپائي مال کي ڳچيءَ ۾ ٻڌل ڳنڍِ ڏنل رسو- ڳِرو.

ڳِري؛ ظ. وٽ- پاسي- پر ۾.

ڳِرِي؛ ث. گلِي- گهٽي. گس- واٽ. واهہ- وسيلو. آجهو- پناه. اوٽَ. بچاءُ. واندڪائي.

ڳِرِي؛ ث. ڪمند يا ڪاني جي ٻن ڳنڍين جي وچ وارو حصو- گري.

ڳِرُيو؛ ذ. مُريو- مُربي وارو هڏو.

ڳِڙُ؛ ذ. بدن تي سوڄ وارو ڳنڊو جنهن ۾ گند پرجي وڃي.

ڳِڙُ؛ ذ. ڪمند جو جميل يا ڳوڙها ڳنڍيا ٿيل رس. ڪَڪَهُ.

ڳِڙ ٿيڻ؛ ڳنڍيا ڳوڙها ٿيڻ. گڏوچڙ ٿيڻ. مونجهارو ٿيڻ. معاملو ڪَرڻ.

ڳِڙ ٿالِي؛ ث. ڳِڙ سان اوٻاريل چانور ملائي ناهيل مناڻي- لائِي.

ڳِڙ ڏاڙهيو؛ ص. ڳاڙهي ڏاڙهي وارو. ڏاڙهي کي ميندي لائيندڙ.

ڳِڙاڪُو؛ ذ. ڳِڙ ملايل تماڪ. ڳِڙ جي پاڻي ۾ پُسايل تماڪ.

ڳِڙڪائِڻُ، م. ڳِيهڻ- ڳِيهي ڇڏڻ. کائڻ- هضم ڪرڻ.
ڳِڙڪُ، ذ. پيٽ ۾ ٿيل سوراخ- ٻرگهل.
ڳِڙڪو، ذ. ڳِڙڪُ- سوراخ.
ڳِڙڪِي، ث. جارو- دري- ڳِڙڪو. روشن ۽ هوا جي لاءِ سوراخ.
ڳَڙَڻُ، م. ٽِمڻ- ٽِپڪڻ- وهڻ (ڦُڙو ڦُڙو ٿي). سِمَڻ. ليندي ڪري وهڻ.
ڳِڙَڻُ، م. ڳِنهڻ- وٺڻ.
ڳِڙو، ذ. مِينهَن جي ڦُڙن سان گڏ وسندڙ برف جو ڳِنڊيو.
ڳِڙا پوڻ، مِينهن ۾ برف جا ڳوڙها وسڻ.
ڳِڙو پوڻ، مٿان ڪا مصيبت پوڻ. ازغيبي هچا پوڻ.
ڳِڙهہ، ذ (سن. گڊ) قلعو- ڪوٽ- گڊ.
ڳِڙهِي، ث. ننڍو ڪوٽ- ڪوٽڙي.
ڳِڙهڻُ، م. ڳِنهڻ. قبول ڪرڻ. محسوس ڪرڻ- سمجهڻ. حال ٻڌائڻ- ڳِرهڻ.
ڳِڙِي، ث. ٽڙ (گوشت جي)- ٻُوٽي. سِري (ٿوم جي). ڦِري (هيڊ جي). پِتي (بصر جي). پيسي (ڪتل جي).
ڳِسڪَڻُ، م. ڳِڙڪڻ- پيٽ ۾ وڃڻ- نڙي کان هيٺ لهڻ.
ڳِسَڻُ، م. ڳِڙڪڻ- پيٽ ۾ وڃڻ (کاڌو، گهرانهہ).
ڳِڦو، ذ. گرانهہ- لقمو. اوچتو هٿ آيل مال. ڪنهن شيءِ جو وڏو انداز. مفت جو مال.
ڳِڪَ، ث. ڪابہ چنبڙي پوندڙ ليسدار شيءِ. ڳِڪَ وانگر چنبڙندڙ. ڄِڄا (ماڻهو).
ڳِڪَ ٿي لڳڻ، چنبڙي پوڻ- پُٺ نہ ڇڏڻ. پٺيان لڳي پوڻ.
ڳِڪَلُ، ذ. ملڪيت جو وڏو حصو. دولت- ناڻو. مفت ۾ مليل ناڻو.

ڳِڱَ، ث. برف- يَخ. ڻارُ. (ص) برف جهڙو ٿڌو.
ڳِڱائِجَڻُ، م. برف وانگر ڻرڻ. ڻري برف ٿيڻ. بيهوش ٿيڻ. ٿڌ ۾ فرحت وٺڻ. ٿڌ ۾ ڻري پوڻ (جسم).
ڳِلِ، ث. ڳِچي- گلو- ڪنڌ.
ڳِلِ پوڻ، ڳِچيءَ ۾ پوڻ- ڪنڌ ۾ پوڻ. ڳالهہ ۾ دخل ڏيڻ.
ڳِل لائڻ، ڳِچيءَ سان لائڻ- ڀاڪر پائڻ- ڳِراٽڙي ڏيڻ.
ڳِلُ، ڳَلُ، ذ. مِٽَ- رخسار- عارض- ڳِٽو.
ڳِل پَٽُ، ص. لاسڙيات- ڳِيرو. سهٽو- پُورل.
ڳِل سُڄائڻ، ڪاوڙجڻ- رُسڻ.
ڳِلٽو، ذ. ڏٽو- گشو- رماڪ- ڏُتارَ.
ڳِلٽو ٻڌڻ، ڏٽو ڏيڻ- گشو ڏيڻ. لالچ ڏيئي ٺڳڻ- ڏُتارڻ.
ڳِلپٽو، ذ. ڳِچيءَ جو هڪ ڳَهُ- هڪ قسم جو هارُ.
ڳِلغورُ، ذ. گهوڙي جو هڪ سنج (ڪنڌ ۾ ٻڌڻ واري رسي).
ڳِلڦڙو، ذ. مچيءَ جون ساهہ کڻڻ واريون ڪَليون. ڪَلي- ڳِلٽي- ڪوٺلي.
ڳِلمُچو، ذ. ڳِل تي ڇڏيل وارن جون وڏو مُڇو.
ڳِلو، ذ. گلو- ڳِچي- ڪنڌ- گردن. قميص وغيره ۾ ٻيڙن وجهڻ واري پَٽي. سنڌي جُتيءَ ۾ پپ ۽ ڪڙيءَ کي ڳنڍيڻ وارو چَمَ جو ڪشو. ڪَپُ- ڪنارو. لنگهہ- وات.
ڳِلو پڪڙڻ، ڳِچيءَ کان جهلڻ.
ڳِلي لائڻ، ڳلي سان لائڻ- ڀاڪر پائڻ. ڳِراٽڙي ڏيڻ.
ڳِلهہ، ث. چِڪَ- گپ.
ڳِلهو، ص. آلو- پُسيل. گپ جهڙو ڪُونشرو. ليلهر- ٽيڦو. سُست. (ث. ڳِلهي).
ڳِلِي، ث. ڳِلي- گهٽي. لنگهہ. وات. حيلو- چارو.

ڳلي ڪُوچو، ذ. گهٽي گهٽي- هرهڪ گهٽي.
ڳمَ، ث. آرس. سستي. ڳاموڙ. خمار.
ڳمُ، ذ. هڪ قسم جو گاهه. (ص) آرسي- ٽوٽي.
ڳمَڻُ، م. ڪرَ موڙڻ. ننڊ جي خمار ۾ هجڻ. سستي ڪرڻ.
ڳمي هلڻ، آهستي آهستي قدم جمائي هلڻ.
ڳنُ، ذ. هٿيو- مُٺيو- دستو. ٻيڙي کي هلائڻ لاءِ ڪاٺيءَ جي گهڙيل ڀَڃي. هاليسو.
ڳنَ ڏيڻ، مدد ڪرڻ- همراهي ڪرڻ.
ڳنڀيرُ، ص (سن) اونهون- عقلمند- سيائو. سنجيدو- بردبار.
ڳنڌَ، ث (سن) بُوءِ- واس. صفاتي پڇاڙي طور ڪمد ايندڙ (جڻن سڳند وغيره).
ڳنڍ، ث. ڳوهڻ جو ڪم- ڳوهه. مٽي جي وارن جون چوٽيون ڪرڻ- چوٽيون ويڙهڻ.
ڳنڍُ، ذ. ڳنڍڻ (ٻوڙ ڀاڄي وغيره جنهن جي لاڳي سان ماني کائجي).
ڳنڍڻُ، ذ. ٻوڙ، ڀاڄي وغيره چَهرَ (جنهن سان ماني کائجي).
ڳنڍڻُ، م. ڳوهڻ- مَلڻ (اٽو). ڳٽڻ (وار)- ويڙهڻ. ڳٽون ڪرڻ. ڳوپڻ- ڳنڍڻ. پوئڻ (هار، گل).
ڳنڍِ، ث. ٻن ٽُڪرن جو جوڙ- سَنڌُ. وڪڙ- ڦندو. هَڙ- پَري- ڳنڙي. مُوڙي. ڪيسو. ڪپڙي جي ٻن پلاندن کي ڳنڍ ڏيڻ جو عمل- ڳِرهه. پٽي (بصر جي).
ڳنڍِ ڳنڍاء، ث. جهيڙو- هٿاپائي- ويڙهه.
ڳنڍِ ٻڌڻُ، ياد رکڻ. ورد ڪرڻ. هوڏ ڪرڻ. يقين ڪرڻ.
ڳنڍِ ٽوپَ، ث. ٽاهه جوڙ- مرمت. سادي سودي مرمت.
ڳنڍِ جا پئسا، ذ. ذاتي رقم- ڪيسي جا پئسا- پنهنجا پئسا.
ڳنڍِ جو ڳوڙهو، ص. پئسي وارو- شاهوڪار- دولتمند.

ڳنڍِ ڏيڻ، ڳِرهه ڏيڻ. ملائڻ- ڳنڍڻ- جوڙڻ.
ڳنڍِ ڪپڻ، ڪيسو ڪترڻ.
ڳنڍِ کولڻ، خرچ ڪرڻ.
ڳنڍُ، ذ. رسي يا ڌاڳي وغيره جي ٻن ٽڪرن کي ڏنل ٻَڌُ- جوڙُ. ڳانڍاپو- ميلاپ. سَنڌو. ڦندو. وڪڙ- وراڪو. ٽاهُ.
ڳنڍِجَڻُ، م. ڳنڍ اچڻ. ٻيڙو ٿيڻ- شامل ٿيڻ. گڏجڻ. ملي وڃڻ.
ڳنڍَجي پوڻ، هٿين پوڻ. ڀائيوار ٿيڻ.
ڳنڍِڙُ، ذ. وڏو ڳنڍيو.
ڳنڍِڙي، ث. ننڍي هَڙ- بُجڪو.
ڳنڍَڻُ، م. ڳنڍ ڏيڻ- ڳِرهه ڏيڻ. وڪڙ ڏيئي ٻڌڻ. جوڙڻ- ملائڻ. سوگهو ڪري ٻڌڻ- سلهاڙڻ. گڏڻ- شامل ڪرڻ. مڙهڻ. ٽوپڻ (جُتي).
ڳنڍيو، ذ. ڪنهن ٻه شيءِ (مِٽي وغيره جو) گول ڳوڙهو- پنوڙو- روڙو. اندروني زخم سبب ماس جو ڳوڙهو- ڳڙُ. واهه وغيره جي وهڪ کي بند ڪرڻ لاءِ مِٽيءَ جو بند. جَهل- اٽڪاءُ.
ڳنڍِيرُ، ذ. گاهه جو هڪ قسم.
ڳنڍيري، ث. جِليل ڪمند جو ڳترو.
ڳنڙِ، ث. گند ۽ پُونءَ سان ڀريل ڳوڙهي (جيڪا ڇڏن ۾ نڪري)- ويلڻ.
ڳنرَ، ذ. سَرهن جون ڏانڊيون (جيڪي ڀاڄيءَ طور رڌجن).
ڳنو، ذ. ڪمند يا جوئر وغيره جو مِٺو ڪانو- ٽُري.
ڳنا چُوپڻ، بي فائدو ڪم ڪرڻ. بي وقوفي ڪرڻ.
ڳنوارُ، ص. ڳٺون چاريندڙ- ڏِڳين جو ڌرار. بيوقوف- مورک. اڻاڙي. ڳوٺائو.
ڳنهڻُ، م. مُلهه وٺڻ- خريد ڪرڻ. جهلڻ (هٿ ۾).
ڳني، ث. ڪنهن اوزار ۾ پيل هٿيو. ساهمي جي

ڪاني. ڪچي پوک. تَت (ڳهه) جو هڪ حصو. ڏانديءَ (ڳل ٻوٽي جي).

ڳڻَ: ث. ڳڻپ- شمار. اندازو. تڪ تور. سُڌسماءُ- سارسنڀارَ.

ڳڻ ڪرڻ: سار سنڀار لهڻ. يادگيري ڪرڻ. شمار ڪرڻ- ليکي ۾ آڻڻ.

ڳڻُ: ذ. (سن. گڻ) صفت- خاصيت. خصلت- خوبي. تعريف. نيڪي. نيڪ اعمال. عادت. اثر- تاثير. احسان- تورو- وَڙ ڀلائي- گُڻُ.

ڳڻ ڪرڻ: احسان ڪرڻ- تورو ڪرڻ.

ڳڻَ ڳائڻ: تورا مڃڻ- تعريف ڪرڻ- شُڪر بجا آڻڻ.

ڳڻائِتو: ص. فائدي وارو- لاڀائتو. خوبيءَ وارو. سڻن لڇڻن وارو.

ڳڻائِڻُ: مر. شمار ڪرائڻ. حساب ۾ شامل ڪرائڻ. ليکي ۾ آڻائڻ.

ڳڻتي: ث. ويچار- فڪر. هوراڪورا- آنڌ مانڌ.

ڳڻتي خور: ص. ڳڻتيون پچائيندڙ. سودائي- خفقاني. ٻُورالو.

ڳڻپَ: ث. شمار. ليکو- حساب. ڳاڻيٽو.

ڳڻ چورُ: ص. احسان فراموش. بي شڪرو. بي ڳڻو.

ڳڻڳوتَ: ث. سوچ ويچار. دورانديشي.

ڳڻڻُ: مر. شمار ڪرڻ- اندازو ڪرڻ. ڪَٿڻ. ليکڻ. سارڻ. ويچارڻ. رِٿڻ. خيال ۾ آڻڻ.

ڳڻولي، ڳڻوني: ث. چِڻوني- رتي.

ڳڻي: ص. گُڻي- ڳڻوان. نيڪ افعال.

ڳوبُ: ص. ٻالو ڀولو- ڀورڙو- موڳو. بي سمجهه. گگدامر.

ڳوتَ: ث. اندازو- تخمينو- تَڪَ (هميشه "ڳڻ" لفظ جي صفاتي پڇاڙي طور ڪم اچي).

ڳوٿِرو: ذ. ڪپڙي مان ٺهيل ٿيلهو- ٻُجڪو.

ڳوٿِري: ث. ڪپڙي جي ننڍي ٿيلهي- ٻُجڪي.

ڳوٽَ: ث. ساري (شطرنج يا چوپڙ جي). ڍيري (سُٽ جي). تاڪ. جو ڪڪڙو- ڪُنيل تاڪ جو ڳوڙهو.

ڳوٽِي: ث. سُٽ جي ڍيري. ڪُنيل تاڪ جو ڳوڙهو.

ڳوٺُ: ذ. ٻهراڙيءَ جي بستي- وَسِڻ- وَسَڻُون- ڳامُ- واهڻ- ديهات.

ڳوٺاڻو: ص. ڳوٺ جو رهاڪو- ٻهراڙيءَ جو- ديهاتي- ڳاموٺي.

ڳوٺائِي: ص. ساڳئي ڳوٺ جو رهاڪو- هم وطني.

ڳوٺِي: ص. ڳوٺائي.

ڳوپُ: ذ. چنل نوڙي جي پيڙهين کي وٽي ملائڻ- ڳنڍُ.

ڳوپَڻُ: مر. نوڙيءَ جي ٻن حصن جون پيڙهيون کولي، وٽ ڏيئي اهڙيءَ طرح ملائڻ جو پڪي نوڙي ٿي وڃي ۽ ڳنڍ معلوم نه ٿئي. ڳتڻ- ڳنڍڻ.

ڳوڏو: ذ. ڍڳو- ڏاند. (ص) سورهيه- پهلوان- جوڌو.

ڳورَ: ث (ف. گور) قبر- ٻِني.

ڳوراڻيو: ذ. ڳرهاٽي- ڀاڪُر.

ڳوراڻيو ڪرڻ: پيار محبت سان ڀاڪر ۾ آڻڻ. ڳڻ ڪرڻ. تنگ وڙ ڪرڻ.

ڳوراهَ: ث. پاڻي يا ڳپ چِڪَ جي هيراڪ نانگ بلا (جيڪا زهر چڙهي وڃي ۽ چڪ معمولي اثر ڪري). ڳوهيرو.

ڳوراڻ، ڳوراڻِي: ث. بار- وزن. بردباري- سنجيدگي.

ڳور پَٽُ: ذ. هڪ قسم جو جانور (جيڪو قبرن مان مڙدا ڪڍي کائي).

ڳورِٺارِي: ث. ڳوربٽ (جانور).

ڳورَڻُ: مر. ڳولڻ- ٺورڻ. ٻنان ڇپارڻ جي ڳيهڻ- ڳڙڪائڻ.

ڳورو، ڳوڙرو: ص. اڇي چمڙي وارو- ڳورو- ڀُورو. سهڻو. (ث. ڳوري، ڳوڙري).

ڳوڙرو: ص. ڳرو- ڀاري- وزني- گران- ثقيل. دير هضم (کاڌو). ديرينو. سنجيده- بردبار. حيثيت وارو.

(ث. ڳوڙي).

ڳوڙرو ڳالهائڻ: وڏي آواز سان ڳالهائڻ. تيرج سان ڳالهائڻ. يرو يا آهستي ڳالهائڻ.

ڳورهارِي: ص. حامل- پيٽ سان (عورت)- ڍُڪي.

ڳُوڙهه: ذ. گهاٽاڻ- گهَرائي (رنگ جي). (ص) گهاٽو- ڳٽيل.

ڳُوڙهائي: ث. گهاٽاڻ (رنگ جي)- گهرائي- اونهائي. پيچيدگي- مشڪلات.

ڳوڙهو: ذ. ڪنهن به شيءِ جو گول ڳنڍيو- پنوڙو- چاڙو- ٽيرو. روڙو. مٽيءَ جو گولڙو (گُليل ۾ وجهي اُڇلڻ لاءِ)- گُليلو (ڪانياڻي جو). جسم ۾ ماس جو ڳڙُ. لڙڪ- هنج. (ث. ڳوڙهي).

ڳوڙها ڪرڻ: ڳنڍيا ڪرڻ. منجهائڻ (سُٽ).

ڳوڙها ڳاڙڻ: لڙڪ وهائڻ- هنجون هارڻ. افسوس ڪرڻ.

ڳُوڙهو: ص. گهَرو- گهاٽو- تيز- تِکو (رنگ). ڏکيو- مشڪل- منجهيل- پيچيدو. (ث. ڳُوڙهي).

ڳوڙِهي: ث. جسم تي ماس جو دبڙ. گولي (مٽيءَ وغيره جي).

ڳولَ: ث. ڳولا- تلاش. وڙول.

ڳولا: ث. تلاش- جستجو- ووڙ.

ڳولا ڦولا: ث. جانچ جونچ- جانچ پڙتال. وڙول.

ڳولائِڻُ: م. تلاش ڪرائڻ. وڙول ٺيارڻ. پيا ڳاڇا ڪرائڻ.

ڳولائُو: ص. ڳولا ڪندڙ- ڳوليندڙ. گهورو- طالبو. گهرجائو.

ڳولڻُ. ڳولِڻُ: م. ڳولا ڪرڻ- يونڊڻ- تلاش ڪرڻ. ووڙڻ. نهارڻ. ڳولي هٿ ڪرڻ.

ڳولڻ ڦولڻ: تلاش ڪرڻ- نهارڻ. جانچ جونچ ڪرڻ.

ڳوليو نہ لبڻ: تلاش جي باوجود هٿ نہ اچڻ.

ڳولي ڪڍڻ: معلوم ڪرڻ. هٿ ڪرڻ. پتو ڪرڻ.

ڳوليندو وتڻ: تلاش ڪندو رهڻ.

ڳوهِ. ڳوهِي: ث. سِٽيءَ مان نهيل وڏي ٿيلهي- بوري.

ڳوهَ: ث. هڪ قسم جو ساهوارو (سانڊي جيڏو، ۽ وارياسي زمين ۾ ڏر ۾ گهر ڪري)- سوسمار- پَٽ مڇي.

ڳوهِہ: ث. اٽي وغيره کي پاڻيءَ سان ڳوهڻ يا مَلَ ڏيڻ جو عمل- ڳَنڍ.

ڳوهِڻُ: م. مَلڻ (اٽو، ميندي وغيره).

ڳوهِيرو: ذ. سانڊي جو هڪ قسم.

ڳهَ: ث. ملاڪي- جاکوڙ- ڪشالو. ڪنهن ڪم ۾ گهڻي مشغولي سبب ٿڪُ. گهڻي پنڌ جي ملاڪي.

ڳهہُ: ذ. زيور- ڳهڻو- گروي.

ڳهَہ ڳنو: ذ. زر زيور.

ڳهَہ رکڻ: گروي رکڻ. قرض وٺڻ لاءِ ضمانت طور زيور رکڻ.

ڳهرَ: ث. ننڊ جو خمار. نشي جو ويڳ. مدهوشي. موڳائي. آرس.

ڳهَلو. ڳهَيلو: ص. سست- ٽوٽي- بي خيالو. يورڙو. اڻ ڄاڻ. احسانمند رهڻ.

ڳهلائي. ڳهيلائِي: ث. اياڻپ- يورڙائي. اڻ ڄاڻائي- بيوقوفي.

ڳهَڻُ: م. لاڳيتو ڪم يا پنڌ ۾ هجڻ. پنڌ يا ڪم ۾ ٿڪجڻ. سخت پورهيو ڪرڻ. ڪشالو ڪڍڻ. ڪهُڻ. ڳاهہ ۾ سنگ پُري وڃڻ. لوڙڻ.

ڳهَڻُ: ث. ٻچي داني- رحم.

ڳهَڻُ: م. ڳڙڪائڻ- هڙپ ڪرڻ.

ڳهَلو: ذ. زيور- ڳهہُ. سنڌ ۾ مَرد جو نالو.

ڳهلو ڳنو: ذ. زر زيور- ڳهہ ڳنا.

ڳهَو: ذ. ڪاٽيءَ جو مقرر انداز (جيڪو هڪ ماڻهو کي ورهاست ۾ ملي). ڳهلو.

ڳهيڙُ: ص. پريل- تمتار، بردبار- ڳنڀير. گهڻ جاڻ. گهڻيون ڳالهيون ڄاڻندڙ.

ڳڻون: ث. ڳاڻ- ڍڳي.

ڳٿي: ث. مقعد- ڇُتِ- ڍُبر.

ڳٿي اُگهاڙو: ص. بيحيا- بي شرم. بي ننگ.

ڳٿي ڏيکارڻ: دل جو راز ٻڌائڻ. بي پرواهي ڏيکارڻ. انڪاري ٿيڻ. پُٺ ڏيڻ.

ڳٿي ڪوڙڻ: ويهڻ. ٽڪ ٻيهڻ لاءِ ويهڻ. هڪ هنڌ ٽڪاءُ ڪرڻ.

ڳٿي ڳيسَ: ث. توبهه- بان- آڻ ميڻ.

ڳٿي ڳرو: ص. مغرور- وڏائي خور.

ڳٿي گهرڙائڻ: خدمت چاڪري ڪرڻ. آزي نيزاري ڪرڻ.

ڳيتَ: ث. ڳيهڻ جو عمل- ڏِڪَ.

ڳيت ڏيڻ: ٽڙيءَ ڪي زور ڏيئي ڪاٺو يا پالي پيٽ ۾ وجهڻ.

ڳيتُون ڏيڻ: تڪليفون ڏسڻ. تڪليف سان ڪم ڪار ڪرڻ.

ڳيتُ: ذ. گيت. ڳيچُ. گانو.

ڳيتَ ڳائڻ: ڳڻَ ڳائڻ- ساراهه ڪرڻ.

ڳيتَ: ث. سُٽ جي ڏيري.

ڳيجهو: ذ. ٻوند کائيندڙ پکي- ڳجهه. حرامخور.

ڳيچُ: ذ. گيت. ڳاچ- ڳيَو. شادي وغيره جي موقعي تي چيل گيت- سهرو.

ڳيرو: ذ. هڪ قسم جو پکي. (ث. ڳيري).

ڳيڙُ: ص. مست موالي. بيوقوف. بي زور. چاڪر- غلام- ٻانهون.

ڳيڙَڻُ: م. خريد ڪرڻ- وٺڻ- ڳنهڻ.

ڳيسَڻُ: م. ڳڙڪڻ- هضم ٿيڻ.

ڳيو: ذ. ڳيچ- گيت.

ڳيهَڻُ: م. ڳڙڪائڻ- ڳيت ڏيئي کائڻ.

ڳيهي وڃڻ: ڳڙڪائڻ. ڦٻائڻ- هضم ڪرڻ. موروثي حق غصب ڪرڻ.

ڳيهُون: ذ. گيهون- گندم- ڪڻڪ.

گهه

گهه: ث. (اُچار 'گهي') سنڌي "الف- بي" جو ٽيتاليهون اکر.

گهاتِ: ث (سن) قتل- خون- ڪوس. مناسب وقت. موقعو- تاڪ- تاڙ- وجهه. دشمن يا شڪار لاءِ لڪي ويهڻ جي جاءِ- ڪمين گاهه.

گهات ۾ هجڻ: مناسب موقعي جي تلاش ۾ هجڻ- وجهه ڳولڻ.

گهاتڪُ: ص. قاتل- خوني. فريبي- دغاباز. ٻوهه سان ماريندڙ.

گهاتُو: ص. تاڪ ۾ ويٺل شڪاري. شڪاري. دشمن- ويري. سمنڊ ۾ مڇيءَ جو شڪار ڪندڙ. ٽوٻو- غواص.

گهاٽُ: ذ. ڪناري تي ٻيڙيءَ مان لهڻ يا چڙهڻ جي مقرر جاءِ- پَتڻ. ڌوٻين جي ڪپڙن ڌوئڻ جي جاءِ- ترُ. ٽاڪو- چوڪي. پهاڙ- جبل. ٻول- نمونو- گهاڙيٽو.

گهاٽَ گهڙڻ: رستو ٺاهڻ. منصوبو سِٽڻ- سازش ڪرڻ. رِٿَ رٿڻ.

گهاتاڻِ، گهاتاڻي: ث. پاڻيٺ جي ڪثافت. ڪپڙي

جي موٽائي. رنگ جي گھرائي.

گھاٽو: ذ. نقصان- ڇيھو- ٽوٽو- خسارو. (ص) **گھٽو** (جھنگ). ڳوڙھو (رنگ). ويجھو (دوست، عزيز). سَنھون. ڪثيف. ٿلھو (ڪپڙو). ڳتيل- مڙھيل. (ٿ. گھاٽي).

گھاٽو پوڻ: نقصان پوڻ- ڇيھو رسڻ. ويجھو ٿيڻ.

گھاٽِي: ٿ. جبل جي وادي- ماٿري. جبل جو گس- لڪُ. ڪَمي- اڻاٺ.

گھاٽي واڌي: ٿ. ڪمي پيشي- گھٽ وڌ. ڪَس ڪَسر.

گھارِ: ٿ. جبل يا واريا سي زمين ۾ پاڻيءَ جي وھڪ سان ٿيل ڏار- غار- چُر.

گھارَڻُ، گھارِڻُ: م. گُذارڻ- ڪاٽڻ- جالڻ.

گھارو: ذ. واھ، ندي وغيره ۾ وھڪري سبب ٿيل ڪاڙ- ڪَنڍُ. وھڪرو.

گھارِي: ٿ. وِٿي- وڇوٽي. ويڇو- جدائي. وڇوڙو. پاڻيءَ جي وھڪري ۾ پيل رُوڻ. ڪپڙي مان نڪتل تندن جي وڇوٽي.

گھاري پوڻ: وِٿي پوڻ. جدائي ٿيڻ. رنڊڪ پوڻ.

گھاڙَ: ٿ. ڇِلَ- گھڙائي (ڪاٺيءَ جي). گھَڙڻ يا ٺاھڻ جو نمونو- گھاڙيٽو.

گھاڙُو: ذ. گھڙيل گس. وڏو رستو- سڌي واٽ. لوھ جو ھڪ قسم.

گھاڙيٽو: ذ. گھڙَت جو نمونو. نمونو- ڊول. رِٿا.

گھاگھائِڻُ: م. ڏُوڪڻ- "ڏُو" ڪري گھِڙڻ. ھمت سان ٽپي پوڻ. آسرو لاھڻ (پوئتي جي پرواھ نہ ڪرڻ).

گھاگھَرِ: ٿ. ڌاتوءَ مان ٺھيل خاص قسم جو ٿانءُ (پاڻيءَ ڀرڻ لاءِ، مَٽَ جھڙو)- موريو (پتل يا ٽامي جو). دِلو.

گھاگھِرو: ذ. ھڪ قسم جو زنانو ڊگھو ڪڙتو. گھير وارو ڊگھو چولو.

گھاگھِرِي: ٿ. ننڍي گھيري وارو ڊگھو ٻارائو چولو.

گھامَ: ٿ. اُس. سج جي گرمي. گھُٽَ.

گھانچو: ذ. رستي ۾ ننڍي ڪُڏَ- جھانڪو.

گھانڊارُ: ذ. چوپائي ڪي ڳچيءَ ۾ ٻڌل وڏو گھنڊ- وڏو ڇَڙو. وڏو شاھي جانور.

گھانگھو: ذ. نڪر جي پکل ٿاڻءَجي ڳچيءَ وارو گول حصو- ڳِرڻ.

گھانگھو ڳچيءَ ۾ وجھڻ: پرايو آزار پنھنجي ذمي ڪرڻ.

گھانگھا لاھڻ: پور پور ڪرڻ- ٽڪر ٽڪر ڪرڻ- پاڳا لاھڻ.

گھاڻو: ذ. تيلي ٻج پيڙڻ لاءِ ڪاٺ جي ڪَلَ (جنھن کي اُٺ يا ڏاند ڦيري تي ھلائي). ڪولھو.

گھاڻي ۾ وھائڻ: سخت پورھيو ڪرائڻ. آزارڻ- ستائڻ. بنا اجوري ڪم وٺڻ.

گھاڻِي: ٿ. ننڍو گھاڻو (جيڪو ماڻھو ھلائي)، مصيبت. آزار.

گھاڻي پوڻ: گھاڻيءَ ۾ ڳھڻ. سخت مصيبت پوڻ. ڳري سزا ھيٺ اچڻ. سزا طور گھاڻي ۾ پيڙجڻ.

گھاءِ: ظ. وانگر- جھڙو.

گھاءُ: ذ. زخم- اونھون زخم. ود- ڇَھڪ.

گھاءُ وجھڻ: زخم ڪرڻ. وَدِ وجھڻ: آزارڻ. طعنن مھڻن سان وَدِ وجھڻ.

گھائِڻُ: م. زخمي ڪرڻ- ڦٽڻ- گھايل ڪرڻ.

گھائِلُ، گھايَلُ: ص. زخمي- ڦٽيل- واڍوڙيل. ڏکويل- ستايل (عشق جو).

گھائِل مائل: ص. ھِريل مِريل- ھاڻو ماڻو. رليل مليل. ڇجتي- گستاخ.

گھائو: ذ. مڇي مارڻ جو وڏو ڄارُ.

گھاٽي: ث. پلي مڇي مارڻ جو ننڍو ڄار.
گھَبَ: ث. اک ۾ لڳل ڏَکُ. لڳل ڏک (جنهن ۾ سوڄ ٿئي).
گھَبراڻ: ث. ٻوڙاڻ. مونجهه (دل جي).
گھَبراهَٽ: ث. بيقراري- لوچ پوچ- آتر ويلا- مُونجهه (دل جي)- آنڌ مانڌ. ڊپ- ڀَوُ. پريشاني.
گھبرائڻ، گھبرائجڻ: م. حواس خطا ٿيڻ. ٽِٽان ڦٽان ٿيڻ- ششدر ٿيڻ. هڪ ٻڪو ٿيڻ. ڊڄڻ. وائڙو ٿيڻ. پريشان ٿيڻ. بيقرار ٿيڻ.
گھَبرو: ص. ڪَنِ کان گھٽ ٻڌندڙ- ٿورو ٻوڙو- گھٽ واڄو ڪندڙ (سِڪو).
گھَبَو: ث. ڪاناٽي.
گھَبيٽ: ذ. مڇائي جو هڪ قسم.
گھَبيڙ: ص. ڄاڻو- سمجھُو. ڏاهو. ڏاڍو- سخت.
گھَٽ: ث. چال- روش- گَتِ.
گھَٽَ: ث. ٽٻي- گوتو- غوطو (پاڻيءَ ۾). گوهي (پچڻ ۾).
گھٽو هڻڻ: ٽٻيون ڏيڻ (پاڻي ۾ ٻڄهڙو ترڻ). گوهيون ڏيڻ. ٽٽائڻ لاءِ پچڻ.
گھَٽَڻ: م. وجهڻ- گهيڙائڻ- داخل ڪرڻ- درج ڪرڻ.
گھَٽِ: ص. ٿورو- ڪم- اڻ پورو- ڪَسو. ننڍو- اوڻو. خسيس. هلڪو. ڪوتاهه. مختصر. قليل. ورلي.•
گھٽ ڪرڻ: گھٽائڻ. ڪٽ ڪرڻ. ٿورو ڪرڻ.
گھٽ وَڌ: ص. ٿورو گھڻو- ڪم بيش. مهانگو سهانگو.
گھٽ وَڌائي: ث. ڪمي بيشي- ٿوري گھڻي. ردوبدل- ڦيرگھير. فرق- تفاوت.
گھٽ وڌ چوڻ: بڪواس ڪرڻ. اجايو ڳالهائڻ. گارگند ڪرڻ. بدشد ڳالهائڻ.
گھَٽُ: ذ. لنگهه- ٻنيو. دَرُ. لَڪُ- دَرو. لوگھو- ڳڙڪ. گس- پيچرو. جسم. دل- منُ- جيءُ. روح- ساهه.
گھَٽُ گھيڙُ: ذ. گهاٽ ۽ تڙ (پاڻيءَ جا). لنگهه- رستو. ور وڪڙ (رستي جا).
گھُٽَ: ث. رڳهه- آٻس. ٻوساٽ (هوا جي). روڪ- جهل. سوڙهه- تنگي.
گھُٽَ ٿيڻ: هوا بند ٿيڻ سبب مونجهه ٿيڻ. تنگي ٿيڻ- سوڙهه ٿيڻ.
گھُٽُ: ذ. ڍُڪُ- سُرڪَ.
گھٽا: ث. ڪارو ڪڪر. گھاٽا ڪڪر.
گھٽا وَڌِي: ث. گھٽ وڌائي- ڪمي بيشي. ٿورائي گھڻائي.
گھٽائڻ: م. ٿورو ڪرڻ. لاهڻ (اگھ). ڪَٽ ڪرڻ- وضع ڪرڻ. هيٺ ڪرڻ (درجو). ننڍو ڪرڻ- ڇوٽو ڪرڻ. تخفيف ڪرڻ. ڇانڊڻ.
گھَٽتائي: ث. ڪمي. ٿورائي. قلت- اڻاٺ. ڪَس. ڪوٽ. ڪوتاهي.
گھَٽجَڻ: م. لهڻ- لاٿ کائڻ. ٿورو ٿيڻ. ننڍو ٿيڻ. زوال ٿيڻ. مُسَڻ. ڇانڊجڻ.
گھٽجڻ وڌجڻ: گھٽ وڌ ٿيڻ. لهڻ چڙهڻ (اگھه، پاڻي). يڪسان نه رهڻ.
گھُٽجَڻ: م. بندجڻ (ساهه)- ٻُوساٽجڻ. واڌ روڪجڻ (ٻُوٽي، فصل جي).
گھُٽڪڻ: م. ڍُڪ ڀرڻ. پاڻي وغيره نڙيءَ مان ڏکيائي سان هيٺ لهڻ- اُترجڻ- اُٽلو اچڻ.
گھَٽَڻ: م. گھٽجڻ- گھٽ ٿيڻ- ٿورو ٿيڻ.
گھُٽَڻ: م. گھٽو ڏيڻ- گھوگھو ڏيڻ. نڙيءَ کان جهلڻ. سوڙهو ڪرڻ- تنگ ڪرڻ. مجبور ڪرڻ.
گھَٽو: ذ. گھٽو (چوپايو)- ڏنبو.
گھُٽو: ذ. گھوگھو- نڙيءَ ۾ ساهه جي ٻُوسٽ.

گهٽو ڏيڻ؛ گهوگهو ڏيڻ. گهوگهو ڏيئي مارڻ، سوڙهو ڪرڻ. مجبور ڪرڻ. زوري ڪا ڳالهہ مڃائڻ.

گهٽي، گهِٽي؛ ث. گِلي- ڳلي- ڪُوچو- سوڙهو لنگهہ. راهہ- گس- چارو. گهرن جي وچان سوڙهو گس.

گهٽيون گهمڻ؛ اجايو رلڻ. بيڪار اُجهڻ. ڌڪا کائڻ.

گهَٽُ؛ ذ. وَڏُ- ٽُڪو- ڪَپُ.

گهِٽَ؛ ص. گهٽو- سخت (انڌارو). گهٽي اوندهہ- گُهگهہ اونداهي.

گهَپلو؛ ذ. گڙٻڙ. ڏچو. غلطي. هيراڦيري. غبن. دوکو.

گهِچ؛ ث. سوڙهي جاءِ ۾ مخلوق جي گهٽائي. گهٽائي- سوڙهہ- پيهہ. گپ- چِڪَ.

گِهچ مِچ؛ ث. گهٽائي- سوڙهہ- پيهہ. گڏوچڙ.

گهُچُ؛ ذ. ٽُنگ- سوراخ. گهُٻ. (ص) اگلو- گدلو. بيوقوف. چيڳرو.

گهَچڪو؛ ذ. لوڏو- گهڪو- رنڊڪ.

گهُچَڻُ؛ م. گهُسڻ- گهيڙڻ- زور سان وجهڻ. گهُچا هڻڻ (لاٽونءَ کي).

گهُچو؛ ذ. لاٽونءَ کي ٻئي لاٽونءَ جي ڇُهنب سان سوراخ ڪرڻ.

گهِڏڻُ؛ م. نشي ۾ آٽڙڻ- نشي يا ننڊ ۾ جهولڻ. اوجهرڻ- گهوماٽجڻ.

گهَرُ؛ ذ. مڪان- بيت- رهڻ جي جاءِ- مَسڪن. جاءِ- جڳهہ. هنڌ- نِڪاڻو. خانو.

گهر آباد ڪرڻ؛ گهر وسائڻ- شادي ڪرڻ.

گهر ٻاري ڏياري ڪرڻ؛ ناموس ۽ مشهوري لاءِ اجايو خرچ ڪرڻ. فضول خرچي ڪرڻ.

گهر پَرڻ؛ جاءِ کي سامان سان پرڻ. ٻئي جو مال ملڪيت پنهنجي گهر ۾ آڻڻ.

گهر تائين پهچائڻ؛ منزل تي رسائڻ. چيهه ڪرڻ- دنگ ڪرڻ.

گهرَ ٽڪڻُ؛ گهر ڏسڻ. مقصد واري گهر جي ڳولا ڪرڻ.

گهر جا ماڻهو؛ ذ. ياتي- ڪٽنب.

گهر جو؛ ص. گهر متعلق- ذاتي. پنهنجو. گهر جو پليل- تاريل.

گهَر جي ڳالهہ؛ ث. پنهنجي ڳالهہ. ذاتي معاملو.

گهر ڏسي جهڏڻ؛ نامر نڪاڻي کان واقف ٿيڻ. رستو ڏسڻ. واقف ٿيڻ.

گهَر ڪرڻ؛ جڳهہ پيدا ڪرڻ. سمائجڻ (دل ۾). گهر آباد ڪرڻ. ڪفايت شعاري ڪري بچت ڪرڻ. نامر نڪاڻو ناهڻ. هڪ هنڌ ٽانڪيو ٿي وهڻ. آسودو ٿيڻ.

گهَر ڪيرائڻ؛ مٿان مصيبت وجهڻ. تمامر وڏو نقصان ڪرڻ.

گهَر ڪائڻ؛ بيروزگاري ۾ گهر جا ٽپڙ وڪڻي گذران ڪرڻ.

گهر لٽائڻ؛ ضرورت کان زياده خرچ ڪرڻ. فضول خرچي ڪرڻ. ملڪيت اُڏائڻ.

گهر مٿي تي کڻڻ؛ گوڙ ڪرڻ- هُل ڪرڻ.

گهر هلائڻ؛ گهر جو انتظام هلائڻ. گهر جي روزمره ضرورتن جي پورائي لاءِ خرچ ڪرڻ.

گهُرَ؛ ث. طلب- ضروت- چاهہ. مرضي. دعوي. گهٽو- قرض.

گهُرَ ڪرڻ؛ طلب ڪرڻ- منگڻ- تقاضا ڪرڻ.

گهَرالو، گهِرالو؛ ذ. خاندان- نسل. ڪٽنب. ڪُڙمر- پيڙهي- ٻُڻ.

گهَران؛ ظ. گهر مان- هڙ مان- ڳنڍ مان- پنهنجي طرفان.

گهُرائِڻُ؛ م. ڪوٺڻ- سڏڻ. طلب ڪرڻ. حاضر ڪرڻ.

گهر ٻارُ؛ ذ. گهر ۽ ڪٽنب. ٻار ٻچا.

گهَر ٽِڙُ؛ ذ. گهر گهاٽ. نامر نڪاڻو.

گهِرِٽي؛ ث. ننڊ جي پنڪي- اوجهرائي.

گھرٽيون ڪاڻڻ، پنڪيون ڪاڻڻ. ڳڻتيون پچائڻ. دل مَن هڻڻ.

گھرجَ، ث. ضروت- طلب- ڪَپُ- حاجت.

گھرجائُو، ص. ضروتمند- طالبو- حاجتمند.

گھرجَڻُ، م. لازم هئڻ. کَپڻ- مِلڻ.

گھَر ڌَڻِي، ص. گھر جو مالڪ. مڙس- خاوند. (اصطلاحا) ڪُوئو.

گھَرڙاٽُ، ذ. گھَرڙجڻ جو زوردار آواز (گاڏيءَ جي هلڻ، يا ٽنبي ڪوندي ۾ گھوٽجڻ جو آواز)- رَهٽو.

گھرڙ گھائُو، ص. ڏاڍو گھائيندڙ. بي قياس. زوراور.

گھَرڙو، ذ. ننڍڙو گھر.

گھِرڪَڻُ، م. گسڪڻ- رڙهڻ- ترڪڻ.

گھُرڪو، ذ. وري وريَ گھُرڻ- ڪُرڪُر. ڏڙمي- هُڏي.

گھَرگھاٽُ، ذ. ثام نڪاڻو- جاءِ جڳهه. رهائش- سُڪونت.

گھُرِ گھُرِ، ث. وري وري گھرڻ يا چوڻ. گھڻو چوڻ. بار بار تاڪيد.

گھِر گھِلو، ص. ڍلو- خلاصو. ويڪرو (ث. گھِر گھِلي).

گھَرَ نائِي، ص. سارئجي گھر ۾ رهندڙ نائي.

گھُرَڻُ، م. طلب ڪرڻ. سوال ڪرڻ- منگڻ- هٿ ٽنگڻ. چاهڻ- پسند ڪرڻ. تقاضا ڪرڻ. اڳاڙڻ (قرض)- وصول ڪرڻ. لهڻ.

گھُري وٺڻ، طلب ڪري وٺڻ. ضروت جو اظهار ڪري وٺڻ. اجازت سان ڪڻڻ. سوال ڪرڻ.

گھَرُو، ص. گھَر جو- ذاتي. پنهنجو.

گھَرِ وارو، ذ. مڙس- خاوند- وَرُ. گھر جو مالڪ- ڌڻي. (ث. گھَر واري).

گھَر واري، ث. زال.

گھَر ويٺي، ظ. بنا محبت جي. مفت ۾. ڪيڏانهن وڃڻ کان سواءِ.

گھُرِي، ث. مرضي. رب جي رضا- ڌڻيءَ جي مرضي. قضا.

گھريتڙي، ث. جيت جو هڪ قسم (جيڪا پٽين ۾ گھر ٺاهي).

گھَريتِي، ث. گھر واري. گھرڌياڻي- گھر جي مالڪياڻي. ورتي- سهاڳڻ.

گھَريلُو، ص. گھر جو. ذاتي. گھر جو ٺهيل- هٿراڌو. گھر جو پاليل.

گھَڙَ، ث. ٺاهپ- گھاڙيٽو- نمونو- ساخت. گھڙن جي ٺالهه.

گھَڙا مَنجي، ث. گھڙن (دِلن) رکڻ لاءِ ڪاٺين مان ٺهيل گھوڙي.

گھَڙائي، گھڙائي، ث. زيورن جي ٺهرائي.

گھَڙائِڻُ، م. ٺهرائڻ (ڳهه). جوڙائڻ- اڏائڻ.

گھُڙپَ، ث. سارين جي فصل لاءِ پاڻي ۾ ٻج ڇٽڻ.

گھُڙپِي، ث. ناٽڪ- سانگ. چمر جو خاص لڪڻ (گھوڙي هڪلڻ لاءِ).

گھَڙَتَ، گھَڙَپَ، ث. بناوت- گھاڙيٽو- ساخت.

گھڙجَڻُ، م. چِلجڻ. منڊجڻ (اڏاوت). ٺجڻ- ٺهڻ.

گھَڙَڻُ، گھَڙِڻُ، م. ٺاهڻ- جوڙڻ (زيور). ٽپڻ (ٽانو).

گھِڙَڻُ، م. داخل ٿيڻ- گھِڙي وڃڻ. اندر وڃڻ. دخل ڏيڻ. پيهڻ. وڃڻ (پاڻيءَ ۾).

گھَڙِو، ذ. دِلو.

گھَڙا پرڻ، خدمت ڪرڻ. چاڪري ڪرڻ.

گھَڙِي، ث. ڏينهن رات جو سٺيون حصو (جيڪو ٢٤ منٽ ٿئي)، پل- ڪِن- ساعت- لحظو. وقت ڏيکارڻ جو اوزار- واچَ. ننڍو دِلو- دِلي.

گھَڙِي پرڻ، شاديءَ جي هڪ رسم موجب گھوٽ ڪنوار لاءِ ستن ڪوهن جي پاڻي مان دِلي ڀري اچڻ

(جنهن ۾ بيو پاڻي ملائي ڪري وهنجارجي).

گهڙي ساز؛ ذ. واچ ميڪر.

گهڙي ساعت؛ ث. ڪِن پل- ٿوري دير.

گهڙي گهڙي؛ ظ. ذري ذري- ٿوري ٿوري دير کان پوءِ. وري وري- هر هر.

گهڙيءَ ۾؛ ظ. پل ۾- لحظي ۾. يڪدم- جهٽ پٽ.

گهڙيالُ؛ ذ. پتل جي گول ٿالهي (جنهن کي ڪاٺ جي مترڪي سان ڌڪ هڻي وڄائبجي. عموما پهريدارن وٽ، اميرن جي درن تي، يا عاشورن جي جلوس ۾). يٽ تي ٽنگڻ لاءِ وڏي گهڙي.

گهڙيالچي؛ ذ. گهڙيال وڄائڻ تي مقرر ملازم.

گهسَڻُ؛ م. زور سان اندر وڃڻ. گهڙڻ. پيهي وڃڻ. داخل ٿيڻ.

گهگهہ؛ ث. اوندهہ- ٻاٽ- اُجهندو- گهورِ.

گهگهہ اونداهہ؛ ث. ڪاري رات- ٻاٽ اونداهي.

گهگهہُ؛ ذ. پکيءَ جو هڪ قسم- چٻرو.

گهگهہ پکي؛ ذ. جهنگلي ڪُڪڙ. چٻرو.

گهگهِٽي؛ ث. ڳڄهي هنڌ تي هنيل مُڪَ. ٺبي- گوتو.

گهگهِٽي؛ ص. ٺلهو ۽ بندرو (ماڻهو).

گهگهَرِ؛ ث. وڏي گهيري وارو وڏو شاهي دِلو- گهاگهَرِ. وڄت جو ساز.

گهگهرو؛ ذ. گهاگهرو (زنانو چولو).

گهگهَلڻُ؛ م. ڳيري جو "گهوگهو" وارو آواز ڪرڻ.

گهگهو؛ ذ. وڏين ٻانهن سان پيرن تائين زنانو چولو.

گهگهيلي؛ ث. گهگهو پاتل عورت.

گهگهو؛ ذ. ويٺل نڙيءَ جو آواز- گهُٽيل آواز.

گهگهو؛ ذ. سيٽيءَ جو آواز (ملازمن کي سڏڻ يا موڪل ڏيڻ يا تاثير پيدائڻ لاءِ).

گهگهي؛ ث. روئندي روئندي ساهہ جي گهُٽَ- سڏڪو. گهُٽيل نڙيءَ مان نڪتل آواز. ڊپ ۾ وات مان نڪتل آواز.

گهگهي پوڻ؛ گهٽي روئڻ ڪري نڙي ويهي رهڻ.

گهگهي؛ ث. ٺڪر جو سوڙهيءَ ڳچيءَ سان ٿانءُ- صُراحي.

گهَلِ؛ ث. گهوڙن تي چڙهيل لشڪر يا ٽولو. لشڪر. ڌاڙيلن جو ٽولو.

گهَلِ تي پوڻ؛ لشڪر تي پوڻ. انبوهہ تي پوڻ.

گهِلَ؛ ث. اوجهراڻي- ڀنڪي. ننڊ جي ڳهرِ.

گهلڻُ؛ م. ڳرڻ- رِجڻَ. پاڻي ٿيڻ. مِلڻ- گڏجڻ. لڳڻ (هوا).

گهِمَ؛ ث. آلاڻ- نَمي. هوا ۾ پاڻيٺ جو اثر. پاڻيٺ- پوسل. ماڪ. سِمَ (زمين جي).

گهمائِڻُ؛ م. ڦيرائڻ- چڪر ڏيڻ. سَير ڪرائڻ. گشت ڪرائڻ. دوکو ڏيڻ.

گهمتاڙي؛ ث. ڦيرو- چڪر. سَير. ڦيري.

گهمتاڙي ڏيڻ؛ گهمي ڦري اچڻ. چڪر ڏيڻ.

گهمڄَڻُ؛ م. ماڪ ۾ پُسڻ- آٻوڪو ٿيڻ. گهِمَ ۾ آلو ٿيڻ.

گهمِرو؛ ذ. ڦيرو- چڪر. پيرو.

گهمرو ڏيڻ؛ پيرو ڏيڻ. ڦيرو ڏيڻ. وارو ڏيڻ.

گهمرو ڪڍڻ؛ ملهہ ۾ وارو ڪڍڻ. دولاب سان ٺڪڻ.

گهمِري؛ ث. ڦيري- چڪر (مٽي کي)- گهمتاڙي.

گهمريون کائڻ؛ ڦِرڻ- چڪر کائڻ. ڦيريون پائڻ.

گهمسانُ؛ ذ. لڙائي- جنگ. پيڙ- انبوهہ- هجوم. هُل- هنگامو- هنبس. مانڌاڻ. تمچر- ٻاٽيتال.

گهمَنُ؛ م. جبرو- ڏاڍو. زوراور.

گهمَندڙُ؛ ص. چڪر ڏيندڙ- ڦرندڙ. سيلاني.

گهَمَنڊُ، گهمنڊُ؛ ذ. غرور- تڪبر- فخر- وڏائي- هَٺُ. آڪڙ- سيٺِ. پروسو- زور.

گهَمَنڊي؛ ص. وڏائي خور. هٺيلو.

گهُمَڻُ؛ م. ڦرڻ. چڪر ڏيڻ- سَير ڪرڻ. گشت ڪرڻ- پسار ڪرڻ.

گهُمڻ ڦرڻ؛ چڪر هڻڻ- سَير ڪرڻ. تفريح ڪرڻ.

گهُمَڻ گهوڙو؛ ذ. گهمڻ جو شوقين. سيلاني. رولاڪُ. هڪ هنڌ سِڪ ڪري نه وهندڙ.

گهَنُ؛ ذ. لوهه جو وڏو متڙڪو. گهمَڻُ.

گهَن چڪرُ؛ ص. وڏو چالاڪ. بيوقوف. آتشبازي جو چڪر (جنهن ۾ گهڻن ئي قسمن جا نمونا ٿين).

گهَنتري؛ ث. چالاڪي- حرفت. ڏٽو- دلبو. دم دلاسو.

گهَنتري چاڙهڻ؛ ڏٽو ڏيڻ. چالاڪي ڪرڻ. حرفت بازي ڪرڻ.

گهَنٽو؛ ذ. هاٿيءَ جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل وڏو ڄڙو- گهُنڊ.

گهُنٽو؛ ذ. زمين ماپڻ جو هڪ ماڻ (ويهه ويسا).

گهَنٽي، گهِنٽي؛ ث. گهنڊلي.

گهُنجُ؛ ذ. وَر (ڪپڙي ۾)- سَر (پيشانيءَ ۾).

گهُنج وجهڻ؛ سَر وجهڻ (مُنهن يا ڪپڙي ۾).

گهُنجائڻُ؛ م. سَر وجهڻ (ڪپڙي، پيشاني ۾). منجهائڻ (سُٽ). گهنج وجهڻ.

گهُنجَڻُ؛ م. گهنج وجهڻ (ڪپڙي ۾)- سَرَ وجهڻ (پيشانيءَ ۾).

گهَنڊُ؛ ص. وڏو گهمنڊ. وڏو.

گهَنڊُ؛ ذ. پتل وغيره مان ٺهيل ٿالهي- گهڙيال. وڏو ڄرو.

گهُنڊُ؛ ذ. گهُنج (مُنهن ۾). مُنهن تي ٻڌل ڪپڙي جو جُهنڊ.

گهُنڊ وجهڻ؛ منهن ۾ سَرَ وجهڻ. پيشانيءَ ۾ گهنج وجهڻ.

گهنڊلي؛ ث. گهنٽي. ڄڙي.

گهُنڊو؛ ذ. وڪڙ- وَرُ (رستي جو).

گهِنڊي؛ ث. گهنٽي. ڄڙي- گهنڊلي.

گهُنڊي؛ ث. پيچ- وڪڙ- وَرُ. گهُنج- اُٿاوت ۾ رهجي ويل ڌاڳي جي ڳنڍ. مونجهارو. سنگ جي سُنڊي. آنُ نڪتل سَنگ (جوئر جو).

گهُنڊيدارُ؛ ص. ورن وڪڙن وارو- پيچدار- گهُنڊيون ٿيل.

گهَنگهرُ؛ ذ. جنجال- معامو. ڳچيءَ ۾ پيل مسئلو. مونجهارو. ذميداري. مصيبت.

گهنگهر ۾ پوڻ؛ مصيبت ۾ پوڻ- آزار ۾ پوڻ.

گهنگهرُو، گهِنگهرو؛ ذ. پتل جي ننڍڙي دبلي (جنهن ۾ چٿي جيترو پٿر پيل هجي ۽ وڄي).

گهُنگهريالو؛ ص. گهنڊيدار- پيچدار- خمدار.

گهَنگهورُ؛ ص. ڪارو (ڪڪر). گجگوڙ وارو (جُهڙ).

گهَڻِ؛ ث. گهڻائي- افراط- ڪثرت. واڌ- اضافو.

گهَڻ جاڻُ؛ ص. گهڻو جاڻندڙ- ڏاهو- قابل- سُجاڻ.

گهَڻ رُخو؛ ص. گهڻن پاسن وارو- پهلودار.

گهَڻ ڳالهائو؛ ص. گهڻو ڳالهائيندڙ. بڪ بڪيو. واتراڙو.

گهڻگهرو؛ ص. ڀلو چاهيندڙ- خيرخواهه.

گهَڻگهرائي؛ ث. خيرخواهي- ڀلائي- نيڪي.

گهَڻ مَتيو؛ ص. ٻين جي صلاحن تي هلندڙ. پر متڙيو. ڦرلو گهرلو.

گهَڻ ۾ پوڻ؛ ٻڏگهين ڳالهين ۾ پوڻ. اجاين ڪمن ۾ پوڻ. ڏيگهه ۾ پوڻ.

گهڻائي؛ ث. زيادتي- واڌ. سرسي.

گهڻڪڻُ؛ م. گهنگهرن وانگر وڄڻ. ٻرڻ.

گهَڻو؛ ص. زياده- جهجهو- ڪثير- بسيار. جام- جال. ريل ڇيل. بيحد.

گهڻو تڻو؛ ظ. اڪثر ڪري- عام طرح.

گهڻو ڪري؛ ظ. اڪثر ڪري- عام طور.

گهُڻو؛ ذ. ڪاٺي يا اناج کي کائيندڙ جيت- سُرو. (ص) نڪ مان ڳالهائيندڙ.

گهوباٽو؛ ذ. اڻ گهڙيل ٿلهي ڪاٺي جو ٽڪر. ڏڪو.

أبتو جواب. (ص) ٿلھو ۽ سگھارو (ماڻھو).

گھوبو؛ ذ. زمين کي کيڙڻ لاءِ هَر ۾ وڌل لوهي ڦارُ- چَوني.

گھوپي؛ ث. غَبن- کُپت- خيانت. بي ايماني- وساھ گھاتي.

گھوپي هڻڻ؛ امانت ۾ خيانت ڪرڻ. ڪپت ڪرڻ. وساھ گھاتي ڪرڻ.

گھوٽُ؛ ذ. لاڙو- وَنو- ٻَنرو. ڪانڌ- مڙس.

گھوٽيتا؛ ص. گھوٽ جي ذات برادري وارا.

گھوٽالو؛ ذ. گڙٻڙ- ڌڌو- بي انتظامي. رڳڙو- معاملو.

گھوٽڻُ، گھوٽِڻُ؛ م. ڏنڊي ڪونڊي ۾ حل ڪرڻ- رڳڙڻ.

گھوٽي ڇڏڻ؛ پائمال ڪرڻ- رڳڙي ڇڏڻ.

گھوٽو؛ ذ. گھوٽي پيئڻ جون پسارڪيون شيون.

گھوچَ؛ ث. ڇھنباري ڪاٺي وغيره سان چوڪَ. دَبُ ڦس.

گھُوچائي؛ ص. ٻُورالو. خفقاني. ٻناڪي.

گھوچَڻُ؛ م. ڏٽي پرڻ- ڏٽڻ. ڦسڻ. ٻوڻ وغيره ۾ زور سان وجھڻ. چُپائڻ. پچائڻ.

گھُوچو؛ ذ. ٻُور- خيال- ريچڪ- جُوجھڪي. جھوٽو- ٻنڪي.

گھورَ؛ ث. صدقو- خوشيءَ جي موقعي تي سِرَ تي گھوري ڏنل خيرات. بخشش. خيرات. ڳولا- تلاش. ڦيري (گھوڙرڻي جي). مڇي جي ڳولا ۽ شڪار.

گھور ڏيڻ؛ خوشيءَ جي موقعي تي لنگھن کي پئسا گھوري ڏين. گھور ڪرڻ. گھورڻ. مڇي مارڻ. مڇي مارڻ لاءِ پاڻي ۾ ڦيرا ڏيڻ.

گھُورَ؛ ص. خوفناڪ- پيانڪ- ڊيڄاريندڙ.

گھُورَ؛ ث. ٽَڪ- جوھُ- هڪ ٽڪ نظر. تکي نظر. غور سان ڏسڻ.

گھورَڻُ؛ م. صدقو ڪرڻ. سِرَ جي مٿان خيرات گھوري ڏين. قربان ڪرڻ (ساھ). ڳولڻ- تلاش ڪرڻ.

گھوري وڃڻ؛ صدقو ٿيڻ. قربان ٿيڻ. فدا ٿيڻ.

گھُورَڻُ؛ م. ٽِڪ ٻڌي ڏسڻ. تکي نظر سان جوھ وجھڻ. غور سان ڏسڻ. ڪاوڙ مان ڏسڻ. گھنڊ وجھڻ (مُنھن ۾).

گھورو؛ ص. ڳولائو- تلاش ڪندڙ. طالبو- گھرجائو. وڙول ڏيندڙ.

گھورِڙيو؛ ص. ڦيري ڪري وڪر وڪڻندڙ- ڦيريءَ وارو.

گھوڙا گھوڙا؛ ث. رڙيون ڪوڪون- دانھون ڪُوڪون- هاءِ دُوس. آڳاٽي دور ۾. (گھوڙن جي گھَل اچڻ جو اڳوات اطلاع ڏيڻ جو اعلان).

گھوڙا گھوڙا ڪرڻ؛ فرياد ڪرڻ- دانھون ڪوڪون ڪرڻ.

گھوڙو؛ ذ. هڪ مشهور جانور- اسپ. شطرنج جو هڪ مُهرو. سامان رکڻ لاءِ ڪاٺ يا لوھ جو خاص ڪٻٽ. بندوق جو هڪ پرزو.

گھوڙو ڊوڙائڻ؛ ڪوشش ڪرڻ. ڀڄ ڊوڙ ڪرڻ. طاقت هلائڻ. حيلو هلائڻ.

گھوڙِي؛ ث. گھوڙي جي مادي. منڍي ماڻھو جي ٽيڪ واري (جيڪا ڪلھن هيٺيان رکي). پينگھي جي ڇٽن ٽنگن ۽ سرائيءَ واري اڏاوت. سيوين ٺاھڻ لاءِ مشن.

گھوڙِيالُ؛ ث. بلا جو هڪ قسم (چون ٿا تہ گھوڙي تي چڙهيل ماڻھو کي اُچل ڪائي ڇڪ هڻي).

گھُوسو؛ ذ. مُڪَ- مُڪَ جو ڌڪ- ٺوُنشو.

گھُوڪَڻُ؛ م. تيزيءَ سان اڳتي وڌڻ- ٺوُڪڻ.

گھُوڪو؛ ذ. تيز هوا جو شور. ڏُوڪَ.

گھُوڪا ڏيڻ؛ چوڪون ڏيڻ.

گھُوگھاٽُ، گھُوگھَٽُ؛ ذ. زوردار هـــوا جو آواز-

سُوسات. تيز ڦرندڙ شيءِ جو آواز.

گهوگهِرو؛ ذ. ننڊ ۾ نڙيءَ مان نڪتل آواز- ڪونگهرو.

گهوگهرا هڻڻ؛ ڪونگهرا هڻڻ. بي فڪري سان سمهڻ.

گهوگهِري؛ ث. بيهوشي يا سڪرات ۾ نڙيءَ مان نڪتل آواز.

گهوگهو؛ ذ. ٻنهي هٿن سان نڙيءَ کي گهُٽو ڏيڻ- گهُٽو.

گهوگهو ڏيڻ؛ گهُٽو ڏيڻ. زوري ساهه ڪڍڻ. مجبور ڪرڻ.

گهوگهِيتو؛ ذ. ڪوڏُ (پاڻيءَ جو جيت).

گهولڻُ، گهولِڻُ؛ م. گهورڻ- صدقو ڪرڻ. پاڻيءَ ۾ ڳارڻ- حَل ڪرڻ.

گهومَ؛ ث. گهمڻ- چڪر- گشت. سَيرُ. گهمتاڙي.

گهُوماٽَ؛ ث. مٿي جي ڦيري. ننڊ جي ڳهر. ساهه جي مونجهه.

گهُوماٽِجڻُ؛ م. مٿي کي ڦيري اچڻ. ساهه جي مونجهه ٿيڻ. هنيون ٻُڏڻ. بيهوشي ٿيڻ. موڳو ٿيڻ. ڦيري کائڻ. چڪر اچڻ.

گهومُو؛ ص. گهمندڙ. ڀٽڪندڙ. رُولو. سيلاني.

گهُونگهَٽُ؛ ذ. پوتي، چادر يا اجرڪ جي پَلئُ سان مُنهن ڍڪڻ لاءِ جهُنڊ- گهُنڊ. نقاب- حجابُ.

ڳهيِلو؛ ذ. جُتيءَ جو هڪ قسم (خاص ملتاني جتي). ويڪري پُرالي جتي.

ڳهيٽو؛ ذ. هڪ قسم جو جانور- دُنبو- گهَٽو.

ڳهيڇَ؛ ث. ڳهچ- سوڙهه. سوڙهه جي چپَ.

ڳهيڇَ ٻچا؛ ث. آنڊا ڳجيون. ڏرا ٻرزا.

ڳهيڇو؛ ذ. سوڙهه ۾ ٿيلهو- ڏڪو. لوڏو- ڌابو. اُٿ جو لوڏو.

گهيرِ؛ ث. موڪرائي- ويڪر. گهيل. پکيڙ. چولي جي داون- دامن.

گهيردارُ؛ ص. گهرگهلو- خلاصو- ويڪرو- موڪرو. گهيري وارو.

گهيرُ؛ ذ. گهيرو- دائرو. گولائي. ڦيرو.

گهيرَٽَ؛ ث. ننڊ جو جهوٽو- پِنڪي. خمار- نشو. اوجهرائي.

گهيرِجَڻُ؛ م. گهيري ۾ اچڻ- محصور ٿيڻ. ڦيري ۾ اچڻ.

گهيرَڻُ؛ م. دائري ۾ آڻڻ. وڪڙ ۾ آڻڻ. گهيرو ڪرڻ- محاصرو ڪرڻ. سوڙهو ڪرڻ. قابو ڪرڻ. چوڌاري واهون بند ڪرڻ. مجبور ڪرڻ- سوڙهو گهُٽڻ. ڦاسائڻ.

گهيرو؛ ذ. دائرو- گولائي. ڦيرو- چڪر. دشمن جو چوڌاري ڦري اچڻ- حصار. حلقو- احاطو. گول جي ٻاهرين حد. گردو.

گهيرو ڪرڻ؛ چئني طرفن کان ڦري اچڻ. محاصرو ڪرڻ.

گهيري ۾ اچڻ؛ محصور ٿيڻ. چئني پاسن کان ڦيري ۾ اچڻ. وراڪي ۾ اچڻ.

گهيڙُ؛ ذ. گهِڙڻ جو هنڌ. درياءَ يا وهڪري جو اُهو هنڌ جتي تڙ يا پتڻ هجي- تڙ- پتڻ. گهَٽُ- گس- لانگهو.

گهيڙائِڻُ؛ م. وجهڻ- داخل ڪرڻ. اندر ڪرڻ. لنگهائڻ. زور سان وجهڻ.

گهيڙَڻُ؛ م. لنگهائڻ- اندر وجهڻ- داخل ڪرڻ. ٽُنبڻ.

گهيلَ؛ ث. ويڪر- ڪشادگي- موڪَر- خلاصائي. دائرو.

ڳهينگهو؛ ذ. ڏنڊڻ جو هڪ قسم. نڪ جي غلاظت جي لاڙ. (ص) ايرو- ضعيف.

ڳ

ڳ: ث (اچار. ڳي) سنڌي "الف- بي" جو چوٿيتاليهون اکر. هن اکر سان ڪوبہ لفظ شروع ڪونہ ٿو ٿئي. هيءُ لفظ جي وچئين يا آخري حصي جو اچار آهي.

ل

ل: ذ (اُچار 'لامُ') سنڌي "الف- بي" جو پنجيتاليهون اکر. عربي جو تيويهون ۽ فارسي "الف- بي" جو ستاويهون اکر. ابجد موجب عدد (۳۰). سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين ۾ "ر" سان بدلجي.

لا: ظ (ع) نہ. بغير- بنان- ڪانسواءِ- صفاتي اڳياڙي طور ڪم اچي. (لاشڪ. لاثاني. لاعلاج وغيره).

لا اُبالي: ص (ع) بيپرواهہ. آزاد- ڇڙواڳ. لاغرض- بي فڪر.

لابارو: ذ. فصل جو لوبُ- پوک لڻڻ.

لابارو وجهڻ: پوک لڻڻ. سج ڪرڻ. قتل عام ڪرڻ.

لابُد: ظ (ع) بيشڪ- يقيني. مجبور- بيوس.

لاٻڙ ٽويو: ص. ٻناڪي- ڏاڙي- ڦڙٻاتي. اجايون سجايون ڳالهيون ڪندڙ.

لاٻڙ ڇٽو: ص. پيٽورو- هٻڇي. ڇٽو ڪندڙ. لاٻڙٽويو.

لاپُ: ذ. فائدو- نفعو- ڪٽيو. حاصلات.

لاپائتو: ص. فائدي وارو. سجايو. سُودمند.

لاٽ: ث. پکين جي ٻولي. واڻي- ٻولي. ڪنن کي وڻندڙ مِٺو آواز.

لاٽيُون لوڙڻ: مِٺيون ٻوليون ڪرڻ. ٻوليون ٻولڻ. مِٺا ٻول اُچارڻ.

لاتُ: ذ (ع) اسلام کان اڳ ڪعبة الله ۾ رکيل هڪ وڏو بُت (جنهن کي حضرت شعيب جي قوم پُوڄيندي هئي).

لاتعدادُ: ص (ع) بيشمار- اڻ ڳڻيا- بي حساب. ڳڻڻ کان ٻاهر.

لاٽ: ث. ڪمي- گهٽتائي. وضع ڪيل يا ڪٽ ڪيل رقم. پاڻي لهڻ يا گهٽجڻ جي حالت.

لاٽُ: ث. شعلو- ڄڀي- اُلو. ميڻ بتيءَ يا ڏيئي جي روشني. شعاع. پاڻيءَ جي لارَ- تار. دونهين جي لاٽ.

لاٽ ٿيڻ: روانو ٿيڻ. يڪدم گم ٿيڻ.

لاٽُ: ذ (انگ. لارڊ) امير- حاڪم. گورنر. مختلف شين جو سٿو. هڪ جنس جي شين جي قطار. لانڍ.

لاٽارُ: ث. بي توجهي- بي پرواهي. ڌيان نہ ڏيڻ. ٻُڌي اڻ ٻُڌي.

لاٽري: ث. قُرعہ اندازي (گهڻا ماڻهو ڳڏي ٿوري ٿوري رقم جمع ڪن، ۽ پوءِ ڪُڻو وجهي هڪ ماڻهو جي حوالي ڪن)- ڪُڻو- ڦِڪا.

لاٽِ: ث. گهَر جي ڇت ۾ پيل وچ واري ڪامَ.

لاٽون، لاٽمو: ذ. هڪ قسم جو ٻارائو رانديڪو (جيڪو ڏور ويڙهي ڦيرائجي).

لاڙيو: ص. ڇوٽو- ننڍو- لانجهو- ڪسو- گهٽ (قد ماپ ۾).

لاليرڙو، لاليرو: ص. ڪجهہ ننڍو. ٿورو گهٽ. ننڍو (عمر ۾).

لاپتہ، لاپَتا: ص. گم- غائب. جنهن جو نالو نشان نہ لڀي.

لاپَڙيو: ذ. مَلهہ جو هڪ داءُ. ڦَڙتي. تنگ وچڙائي ڪيرائڻ جو انگ. پاسي وارو ڏڪ- پاسيرو ڏڪ (ڪمان سان گڙ جو).

لاپَرواهہ: ص. بي پرواهہ- لاغرض. ڌيان نہ ڏيندڙ. ڪاڻ نہ ڪيندڙ.

لاپسي: ث. ڪڻڪ جي اٽي جو پتڙو شيرو.

لاپو: ذ. لاباري ڪان پوءِ فصل جي اَنَ مان لاهياري، وغيره کي ڏنل اُجورو. زميندار يا ٽپيدار جو مقرر ڀنڊاڻ. لاگ- حقابو. نيڪو.

لاپي تي ڏيڻ: فصل جي پيدايش جي حساب سان مقادي تي ڏيڻ.

لاپي: ث. هڪ قسم جو مصالحو (جيڪو درن درين جي شيشن کي مضبوط ڪرڻ يا ڪاٺ جي سوراخن کي بند ڪرڻ ۾ ڪم اچي).

لاثاني: ص (ع) جنهن جهڙو ٻيو نہ هجي. بي مثل- يڪتا- يگانو. پنهنجو مَٽ پاڻ.

لاجَوابُ: ص (ع) چُپ- خاموش- مات. جواب نہ ڏيئي سگهڻ جهڙو. عاجز. بي مثل- لاثاني.

لاجوَرْدُ: ذ (ف) هڪ قسم جو نيري رنگ جو قيمتي پٿر.

لاجوَردي: ص. نيرو- آسماني.

لاچار: ص (ع. لا+ ف. چاره) بيوس- مجبور. محتاج. معذور. مفلس. ويچارو. بي ٻهچ. لاعلاج. هيڻو- اپرو.

لاچاري: ث. بيوسي- مجبوري. عاجزي. تنگدستي. بيماري. اڻ هوند. حاجت- گهرج.

لاحاصِلُ: ص (ع) بي فائدو- بي سُود. اجايو- فضول.

لاحَدُ: ص (ع) بيحد- بيشمار- اڻ ڳڻيا- اپار. بي انت.

لاحَق: ص (ع) پهچندڙ. پوئتان ايندڙ. لاڳو. ڳنڍيل- چنبڙيل. پوءِ اچي شريڪ ٿيندڙ.

لاحق ٿيڻ: چنبڙڻ- لڳڻ. لاڳو ٿيڻ. وٺڻ (بيماري وغيره).

لاحَول (ولا قوة): جملو (ع) ناهي قدرت سواءِ الله جي. شيطان کي ڀڄائڻ جو ڪلمو. ڌڪار جو اظهار.

لادَعوي: ص (ع) دست بردار- بي دعوي. ڇڏيل- ترڪ ڪيل.

لادَعوي ڪرڻ: حق کان محروم ڪرڻ. ڪوبہ حق نہ ڏيڻ.

لادَوا: ص (ع) لاعلاج. حيلي وسيلي کان سواءِ.

لادينُ: ص (ع) بي دين- ڪافر.

لاڏُ: ذ. محبت- پيار. ناز. انگل- نخرو- مالو- هيجُ.

لاڏُ ڪرڻ: انگل ڪرڻ- نخرو ڪرڻ. هيجُ ڪرڻ. پيار ڪرڻ.

لاڏاڻ: ث. وهٽن تي لڏو ڪڻي ويندڙن جو ساٿ. قافلو. قطار (اُٺن جي). سامان- اسباب. ٻئي هنڌان لڏي آيل مالهو.

لاڏاڻو: ذ. لڏپلاڻ- ڪُوچ- هجرت. موت- وفات- رحلت.

لاڏڪوڏُ: ذ. ناز نخرو. پيار محبت. انگل مالو. ٻادلائي.

لاڏلو: ص. پيارو. انگلي- نخريلو. البيلو. (ث. لاڏلي).

لاڏو: ذ. پيارو- محبوب- پرين. گهوٽ- ونو- ٻنڙو.

شاديءَ جي موقعي تي ڳايل ڳيچ.

لاڏِي: ث. ڪنوار- وَني. سهڻي زال- حسين عورت.

لاڏُو: ص. بار ڪڻندڙ (اُٺ). بار برداري جو وهٽ. بارگير.

لاڙ: ث. قطار. تَندُ. پاڻيٺ جي سَنهي وَهڪَ- تار- لينيدي. چاش جي تند (جِئن ماکيءَ جي). چڙي يا گهنڊ ۾ پيل ڪاٺيءَ يا لوهہ جي ڪِلي يا ڇپر. پاڇاريءَ جي هيٺين ڪاٺي. دل جو لاڙو.

لاڙائڻُ: م. ڇيرو ڏيارڻ (اوزار کي)- سراڻ تي تکو ڪرائڻ.

لاڙو: ذ. ڳانڍاپو- لاڳاپو- تعلق. پنارو. پيار- محبت. لاڙو- رغبت. وسيلو- آسرو.

لاڙي لڳڻ: پناري پوڻ. آسري تي هجڻ.

لاڙي: ث. سواريءَ جي بَس. يڪ نالي بندوق جو هڪ قسم.

لارَيبُ: ص (ع) بيشڪ- يقيني. بنا شڪ شبهي جي.

لاڙُ: ذ. سنڌ جو هيٺيون ڏاکڻيو طبعي ڀاڱو.

لاڙائي، لاڙيچو: ص. لاڙ جو رهاڪو.

لاڙاڪُو: ص. لهندڙ- لاٽ وارو. هيٺ ڪرندڙ.

لاڙپاڙ: ظ. وهنوار- بي باق- لٽ پٽ.

لاڙڪاڻو: ذ. سنڌ جو هڪ ضلعو (جيڪو "لاڙڪ" قوم ڏانهن منسوب آهي).

لاڙڻُ، لاڙڻُ: م. هيٺ ڪرڻ. لڙڪائڻ- موڙڻ- ورائڻ. ڦيرائڻ.

لاڙو: ذ. مائل ٿيڻ- رغبت- جُهڪاءُ. ڌيان- خيال. پاسو. ميلانُ.

لاڙِي: ص. لاڙ جو. چانورن جو هڪ قسم. "لاڙ" جي اُن جو نسل.

لازمُ: ص (ع) ڳنڍيل- ملحق- لاڳو. واجب- ضروري.

لازم مَلزومُ: ص. هڪ ٻئي سان لاڳاپيل. اهي ٻہ شيون جن جي پاڻ ۾ جدائي ناممڪن هجي.

لازمي: ص. ڳنڍيل. ضروري. (ذ) گرامر موجب فاعل سان بدلجندڙ فعل.

لازوالُ: ص (ع) فنا نہ ٿيندڙ- هميشه قائم رهندڙ. غيرفاني.

لاسَ: ث. ٻوڙ کي گهاٽو ڪرڻ لاءِ ملايل اٽو. شوربو- رَسُ (ٻوڙ جو).

لاسُو: ص. لَسو- بنا ڪنڊن جي (وڻ، ٽاري). بنان وارن جي (جانور). بي ڏاڙهيو (ماڻهو)- ڳڀرو.

لاسِوائُ، لاسِوياتُ: ص. بنان ڏاڙهي مُڇ جي- ڳڀرو- نوجوان.

لاسِي: ذ. ڳڌهن جو هڪ نسل.

لاشَ: ث (ف) مَيِت- مڙدو- نعش- مڙهہ. جنازو.

لاشُ: ذ (ف) ميت- مڙهہ. جنازو.

لاشَرِيڪُ: ذ (ع) جنهن جو ڪوبہ شريڪ نہ هجي- ذاتِ تعاليٰ.

لاشو: ذ (ف) لاش. جسم. (ص) هيٺو- اپرو.

لاطِينِي: ث (ع) هڪ قديم زبان- عبراني.

لاعِلاجُ: ص (ع) جنهن جو ڪو علاج نہ هجي.

لاعِلمُ: ص (ع) بي خبر- غافل. اڻ ڄاڻ.

لاعِلمِي: ث. بي خبري. اڻ ڄاڻائي.

لاغَرُ: ص (ف) ڏبرو- اپرو. هيڻو- ضعيف.

لافَ: ث (ف) پاڻ پڏائڻ. ٻٽاڪ- لباڙ- ٻاڙ. هوڏ- فخر. ڦوند.

لافزني: ث. ٻٽاڪ. پنهنجي ساراهہ. پاڻ پڏائڻ. ٻاڙ ٻٽاڪ.

لاڪَ: ث. گوڏ ٻڌڻ جو پوتڙو- گوڏ.

لاڪِرُ: ظ. ڪان ونئي.

لاڪِسُ: ظ. اُن لاءِ- سندس ڪاڻ.

لاڪِڙِ، لاڪِڙُ: ث. سَنهيون ونيل ڪاٺيون (ٻارڻ لاءِ).

لاڪِناڦون: ث. حرف علت جون نشانيون. اعرابون.

لاکيٽُ: ذ (انگ) ٻچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه.

لاکَ: ث. هڪ قسم جو ڳاڙهو ڪوئر (جيڪو پپر جي وڻن ۾ ٽارين تي ٿئي).

لاکَ لاهڻ: جُٽ ڪرڻ. سيکت ڏيڻ. مار ڪڍڻ. تعدي ڪرڻ.

لاکا: ذ. هڪ قوم جو نالو.

لاکڙو: ذ. چوپائي مال جي هڪ بيماري. اُرڙي.

لاکو: ذ. هڪ درويش جو نالو ("لاکا لهرائي، لهر بحر جا سائين"). سما قوم جو هڪ مشهور سردار "جام لاکو".

لاکي جاجي: ذ. هڪ قسم جو آبي پکي.

لاکيڻو: ص. لکڻ جو- لک لهندڙ. لکڻ جو مٽُ. سلڇڻو. سدورو. ناهوڪو- سهڻو. (ث. لاکيڻي).

لاڳَ: ث. ٽيڪ.

لاڳُ: ذ. ٽيڪ. مدد. هٿي. شادي جي موقعي تي ڪاسبين ۽ هنرمندن کي ڏنل انعام- ٻنڌاڻ. ڏنُ. بخشش.

لاڳُ ڏيڻ: ٽيڪ ڏيڻ. ٻاس ڏيڻ- ميٽا ڏيڻ. منگتي يا ڪاسبي کي مقرر ٻنڌاڻ ڏيڻ.

لاڳاپو: ذ. تعلق- ڳانڍاپو- واسطو. مٽي مائٽي يا دوستي وارو ڳانڍاپو- لهه وچڙ.

لاڳاپا لاهڻ: تعلق ڇڏڻ- واسطا ناتا ٽوڙڻ.

لاڳت: ث. اصل خرچ. قيمت- ملهه. لهرائي جو خرچ.

لاڳڙو: ص. ساٿي- مددگار- معاون. طرفدار- حمايتي.

لاڳو: ذ. لاڳُ- ٻنڌاڻ.

لاڳو: ذ. متعلق- گڏيل- مليل. ويجهو. گڏ. لاڳيتو.

لاڳيتو: ظ. هڪ ٻئي پٺيان. مسلسل- متواتر. لڳل- گڏيل- پيڙو. ويجهو. ڳتيل. لڳ- وٽ- پرسان.

لالُ: ذ (ف) ڳاڙهو رنگ. (ص) ڳاڙهو- سرخ. رتل (عشق ۾). تتل- ڳاڙهو (ڪاوڙ ۾).

لالڻون لال: ص. نهايت سرخ ۽ شاداب. مالا مال.

لالہ، لالا: ذ (ف) ڳاڙهي رنگ جو هڪ گل (پُست جي ٻوٽي جو گل).

لالہ رُخ، لالہ رُو: ص. سهڻو- معشوق.

لالہ زار: ذ. لال گلن جو باغيچو.

لالانگهرو: ذ. آسرو- آڌار- واسطو- تعلق. ڳانڍاپو.

لالانگهري لڳڻ: دوستي يا لاڳاپي جي ناتي پٺيان پروسو ڪرڻ.

لالٽيڻُ: ذ (انگ) گاسليٽ تي ٻرندڙ هڪ قسم جي بتي (جيڪا هٿ ۾ کڻي به هلجي).

لالچَ: ث. لوڀ- حرص- طمع. هيج. ترغيب.

لالچ ڪرڻ: طمع ڪرڻ. لوڀ ڪرڻ. هيج ڪرڻ.

لالچ ڏيڻ: طمع ڏيڻ. ترغيب ڏيڻ- حرصائڻ.

لالچائڻُ: م. حرصائڻ- هرکائڻ. ڏُٽارڻ. دلبو ڏيڻ.

لالچي: ص. لوڀي- حريص- طاماعو. خود غرض.

لالڙي: ث. ڳاڙهي رنگ جو دالو يا ٻجُ.

لالڻُ، لالڻُ: ص. پيارو- لاڏلو- دادلو. دوست- سڄڻ. دلبر- محبوب- پرين.

لالو: ذ. هندن ۾ عزت وارو خطاب. ٻنائن جو هڪ عام خطاب.

لالي: ث. سرخي. ڳاڙهاڻ. چپن کي لائڻ جو ڳاڙهو رنگ.

لامَ: ث. وڻ جي سنهي ٽاري. ٽاري- شاخ. ديگهه- طول. قطار- لائن. (انگ) فوج جو دستو. پلٽڻ.

لامَ لڳڻ: پويان لڳڻ. اجهو وٺڻ. پناه ۾ اچڻ.

لامارو: ذ. پکيءَ جو اڏامڻ ۾ ڦيرو. پکيءَ جي آڻامندي هنيل جهڙپ (چنبن ۾ ڪا شيءِ کڻي وڃڻ).

لامارا ڏيڻ: وري وري اچڻ. ڦيرا ڏيئي جهٽ هڻڻ.

لا مَحالہ: ظ (ع) يقينا- ضرور. هاسيڪار.

لامَذهَب: ص (ع) مذهب کان سواءِ. بي دين.

لامِسہ: ث (ع. لَمَس) ڇهڻ جو حواس يا احساس.

لامَڪانُ؛ ذ (ع) اُها جاءِ جنهن جي هجڻ جي سڃاڻپ نہ هجي. عالم الهي.

لانبَٽُ؛ ص. ڊگهي قد وارو (ماڻهو).

لانبَڙُ؛ ص. رولاڪ- آوره گرد. بي مانو. بدمعاش- لُچو.

لانجهو؛ ص. بي طاقت. هيٺو- اپرو. مياري. شرمسار.

لانبوسِي؛ ص. هيٺو ۽ ڊڄڻو (ڪتو)- لنبوسي.

لانچَ؛ ث (انگ) مشين سان هلندڙ ٻيڙي. سانباهو. ڳولا.

لانچَڻُ؛ م. نهارڻ- ڳولڻ. لنگهڻ- اُڪرڻ. سوچ ويچار ڪرڻ.

لانڊارو؛ ص. مسخرو- ڏچر.

لانڊَ؛ ث. ڊيگهہ- طُول. قطار. ڀارَ (ڳالهائڻ ۾). ڊگهو ڇَنو.

لانڊ ٻڌڻ؛ قطار ڪرڻ. ڊيگهہ ڪرڻ (ڳالهائڻ ۾).

لانڊيو؛ ص. اوباش- ٻهر ڀيرو. لفنگو.

لانڊِي؛ ث. پکن ٺوٺن سان اڏيل ڪکائين جاءِ- جهُڳو- پونگي. ڪکائين اوطاق. مسافرن لاءِ اڏيل مَنهن يا ڇَنو.

لانگَ؛ ث. سلوار وغيره جو ٻچيءَ وارو حصو. پرانگهہ. تنگ- چنگهہَ.

لانگ چوٽو؛ ص. زناڪار- عياش.

لانگ رکڻ؛ ٿورو ڪرڻ- احسان جَتائڻ.

لانگَ لڳڻ؛ وڏائي ڏيکارڻ. ٺاڪ هڻڻ. سرخروئي تي خوش ٿيڻ.

لانگ وراڻڻ؛ سوار ٿيڻ (وهٽ تي). تکو هلڻ- ڪُڙي ڪٽڻ. جمت ڪرڻ. غالب پوڻ.

لانگاهَ؛ ذ. هڪ قوم جو نالو.

لانگوٽُ. لانگوٽو؛ ذ. فقط لانگ وٽ اوگهڙ ڍڪڻ جو ڪپڙو- ڪَڇو.

لانگوٽِي؛ ث. ڪَڇو- لانگوٽ.

لانگوٽِيو؛ ص. لانگوٽ ٻڌندڙ. ننڍپڻ جو دوست.

لانگهائو؛ ص. لنگهي ويندڙ- رستي تان لنگهندڙ. واٽ ويندڙ- راهگير.

لانگهو؛ ذ. لنگهڻ جو هنڌ- لنگهہُ- گهَٽُ. گس- واٽ- رستو. لڪُ- گهيڙ.

لانگهو لنگهڻ؛ پار پوڻ- تڪليفون ڪاٽي مٿي چڙهڻ. ڏک سور سهي پار پوڻ.

لانءِ؛ ث. شاديءَ جي هڪ رسم موجب گهوٽ ۽ ڪنوار جا مٿا ٽڪرائڻ جو عمل. گهٽتائي- ڪمي. عيب- وِڏ.

لانئون لهڻ؛ وهانءُ ڪرڻ- شادي ڪرڻ. ڪنهن عمل يا عادت کي پنهنجو ڪرڻ.

لاهَ، لاهِ؛ ث. گِلا- بدنامي- خواري. بيماري- عيب.

لالو؛ ذ. ڪلراٺي زمين جو هڪ ٻُوٽو (جيڪو عام طرح اُٺ کائين).

لالا لُوهہَ؛ ث. لوهون ۽ گهُتون. وٺ پڪڙ. ڊُڪ ڊوڙ.

لالِي؛ ث. هڪ قسم جو ٻُوٽو (جنهن کي ساڙي، اُن جي ڇار کي کار طورَ ڪم آڻين).

لاوارِثُ؛ ص (ع) جنهن جو ڪو ڌڻي ڌوڻي نہ هجي- نڌڻڪو.

لاوَلد؛ ص (ع) بي اولادي.

لاوَهُ؛ ذ. "گج" جو هڪ قسم (جيڪو مسلمان عورتون پائين). گهگهو.

لاوو؛ ذ (انگ) ٻرندڙ جبل مان نڪتل پگهريل مادو.

لاهہُ؛ ذ. لاهي- هيٺاهين. لاڙو. لهندِي- نشيب. لاٽ- ڪَمِي. گهٽتائي. وڻ جي پاڙ- ڪُتَ. ڏکڻ (طرف).

لاهہَ ڪڍڻ؛ پاڙون ڪڍڻ. پاڙون پٽي ڇڏڻ. نابود ڪرڻ- ناس ڪرڻ.

لاهہ نِڪرڻ؛ ٿڏو پٽجي وڃڻ. برباد ٿي وڃڻ. هڇي وڃڻ (ڪم ۾).

لاهَہ پاهَہ؛ ث. هڪڙي ٿانءُ مان ٻئي ۾ وجهڻ.

لاهڻ ۽ پائڻ.

لاهہُ چاڙهہُ: ذ. هيٺ مٿاهين- نشيب فراز. عروج زوال- ترقي تنزل. گهاٽي واڌي- ڪمي بيشي (اگهہ ۾). اوچ نيچ. پاڻيءَ جي لاٿ ۽ چاڙهہ. گهٽ وڌائي. قسمت جو ڦيرو.

لاهڻ: م. هيٺ ڪرڻ- هيٺ آڻڻ- ڏارڻ. اُتارڻ (لکت)- نقل ڪرڻ. ڏيڻ (قرض). گهٽائڻ (درجو). ڪيرائڻ (عهدو). معزول ڪرڻ (نوڪري). ڪُوڙڻ (وار). وڍڻ (گل، چوڏو). ڏيڻ (آنا). ڀاهڻ (ڇت). صاف ڪرڻ (ليکو). پوري ڪرڻ (سڪا).

لاهي ڇڏڻ: هيٺ ڪرڻ. معزول ڪرڻ (نوڪري مان). ختم ڪرڻ (ڪم)- ڪري ڇڏڻ.

لاهو: ذ. اُپت- فائدو- نفعو- اپراسو. لاٽ- ڪمي. ڏکڻ (طرف).

لاهُوت: ذ. ذات الهيٰ جو عالمُ (جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿئي). پٻ جبل جو هڪ وڏو آستانو.

لاهوتي: ص. فقيرن جو هڪ قسم. "لاهوت لامڪان" جي خبر رکندڙ (فقير).

لاهورُ: ذ. پنجاب پرڳڻي جو مشهور تاريخي شهر.

لاهوري گجر: ث. گجَرَن جو هڪ قسم.

لاهيارو: ص. لابارو ڪندڙ (جنهن کي لاباري جو محنتانو سنگن يا وَلِ جي صورت ۾ ڏجي).

لاءِ: ظ. واسطي- ڪارڻ.

لاءُ: ذ. فائدو- لاڀ. لذت- سواد. ذائقو.

لاءُ: ذ (ع. لِوا) جهنڊو- علم.

لاءِ لشڪَرُ: ذ. لشڪر ۽ ان جو سامان. اٿالو.

لائِقُ عَمَلُ: ذ. اهو ڪم جنهن تي عمل ڪيو وڃي.

لائِقُ: ص (ع) قابليت وارو- قابل. واجب- مناسب- موزون. ساماڻل- جُوان. (ذ) تورو- احسان- مهرباني. سُٺو سلوڪ.

لائِقُ فائِقُ: ص. نهايت قابل ۽ لائق. هرطرح سان موزون.

لائِقُ ڪرڻ: قابل ڪرڻ. نپائي وڏو ڪرڻ. تورو ڪرڻ.

لائِقي: ث. لياقت- اهليت. تورو- احسان- وَڙُ.

لائڻ: م. لڳائڻ- هڻڻ. مکڻ. ملائڻ- گڏائڻ. ڳنڍڻ. لاڳُو ڪرڻ. سراڻ تي چاڙهڻ (اوزار).

لائو، لائون: ص. گهٽ- ڪَسو. پلي ميچيءَ جو بنان ڪنڊي وارو اڌ (ضد. ڪانڊو). اڻ پورو. خراب- ڪُڏو. هريل (پڪي). ڪوٽو (سڪو).

لائو ڪانڊو ڪرڻ: گهٽ وڌ ڪري ورهاست ڪرڻ. رضامندي وارو نبيرو ڪرڻ.

لائي: ث. لابارو ڪندڙ لاهياري جو سنگن جي صورت ۾ اجورو- لاباري جي اُجرت. ڳڙ ڏاٿي (اوٻاريل چانورن جي).

لائي چائي: ث. فتني انگيزي- چيٽاپور- گلاغيبت- چُغلي.

لائي چائي ڪرڻ: هيڏانهن جون هوڏانهن ڳالهيون ڪري جهيڙو وجهائڻ. گلائون ڪرڻ. چغليون هڻڻ.

لائيٽ: ث (انگ) روشني- سوجهرو. نُور. (ص) هلڪو- ڏيمو.

لائيٽ هائُوس: ذ. روشنيءَ جو منارو (جيڪو سامونڊي ڪناري تي جهازن جي رهنمائي لاءِ ٺهيل هجي ۽ رات جو اُن جي چوٽيءَ تي روشني ٿئي).

لائين: ث (انگ) لِيڪَ- خط. ريل جو پٽو. طرز- طريقو.

لاَيعني: ص (ع) بي معنيٰ. فضول- اجايو. بي

نتيجي. بيهودو.
لايو سجايو، ذ. فائدي وارو پورهيو. مراد برصواب. فائدو- نفعو.
لايا سجايا ٿيڻ، محنت صاب پوڻ. ڪوشش ڪامياب ٿيڻ.
لَبِ، ث. ٿُڪَ- ڦِيڻ- وات جو لُعاب.
لَبُ، ذ (ف) چَپُ. ڪنارو- ڪنڌي. پاسو- طرف. لوبُ- طمع. رشوت- بوبو.
لُبَ، ث. لوبُ- لابارو- فصل لڻڻ.
لُبُ، ذ (ع) تت- خلاصو- اختصار.
لُبِ لُباب، ذ. تَت جو مغز- خلاصي جو اختصار. خاص نُڪتا- ماحصل.
لِبادو، ذ (ف) ڪپهه پيل چوغو- گِدلو.
لِباسُ، ذ (ع) پهرڻ- پوشاڪ- ويسُ. روپ- شڪل. جامو. ڏيکُ.
لِباسي، ص. بناوتي ڏيکاءُ وارو. ڪُوڙو. منافق. خوشامدي.
لَبالَب، ص (ف) ڪَناتار- پريل- لبريز.
لَبريز، ص (ف) ڪنارن تائين پريل- ڪنان تار- لبالب.
لَبلِبي، ث. بندوق جو گهوڙو.
لَبَنُ، ذ (ع) کيرُ.
لَبَڻُ، م. لَبُ ڏيڻ- لالچ ڏيڻ. رشوت ڏيڻ. لالچ ڏيئي برغلائڻ.
لَبڻُ. لبجڻُ، م. لُڻجڻ- لابارو ٿيڻ.
لَبُوسي. لنبوسي، ص. اگهاڙو. سِڪئو. هيڇي.
لَب ولهجو، ذ (ف) ڳالهائڻ جو ڍنگ.
لَبيبُ، ذ (ع) مِٺو- شيرين. موهيندڙ. پيارو. محبوب.
لَبيسُ، ذ. لباس. باهريون ڏيکاءُ.
لَبيسي، ص. چاپلوس. منافق. ٻچاپڙو.
لَبَيڪ، ث (ع) حاضر آهيان- موجود آهيان. سڏ جو جواب.
لَپَ، ث. ٿڪ- ٿيڦي. ڳُگ. گيڏوڙي جو رَسُ.
لِپُوڻ چٽڻ، ٹُڪون جهلڻ. بي مانو ٿيڻ. ذليل ٿيڻ.
لَپَ، ث. پاڻيءَ وغيره ۾ هٿ سان چاچولَ (جنهن سان پاڻي وغيره خراب ٿئي). جُٽ ڦِٽ- طعنو مهڻو. چڙپَ.
لَپَ ڪرڻ، جُٽ ڪرڻ. تنبيهه ڪرڻ. گهٽ وڌ ڳالهائڻ.
لَپاڙُ، ث. بڪواس. ڊاڙَ- ٻٽاڪ.
لَپاڙي، ص. ٻٽاڪي. بڪواسي.
لَپائو، ص. لاهيارو. ڪاٺيون وڪڻندڙ. هڪ ذات جو نالو.
لَپڙ تويو، ص. لپاڙي. لائي چائي ڪندڙ. چغل خور.
لَپڙ چِٽُو، ص. خوشامدي- چاپلوس. چِٽو ڪندڙ. اوبر سوبر ڪائيندڙ.
لَپَڻُ، م. ڪاڏو وغيره اوباري خراب ڪرڻ- جُهڳڻ. جُٽ ڦِٽ ڪرڻ- لوڙڻ.
لَپو ٿپو، ذ. جهڙو تهڙو- ڪُٽل ٽُٽل. ٿورو گهڻو- حيلو حوالو- اٽڪل سٽڪل.
لَپو ٿپو ڪرڻ، جهڙو تهڙو گذران ڪرڻ. حيلو حوالو ڪري نباهڻ.
لِپائڻُ، م. ڳُولارائڻ. ڳولڻ ۾ مدد ڪرڻ. حاصل ڪرائڻ.
لِپائڻُ، م. لالچائڻ- هرڪائڻ. موهڻ. رِيجهائڻ. ريبڻ (دل).
لِپجڻُ، م. مِلڻ- هٿ اچڻ (ڳولا سان).
لَپڻُ، م. هٿ اچڻ- حاصل ٿيڻ. ملڻ (ڳولا سان). پِڙ پوڻ.
لَتَ، ث. ٽنگَ- جنگهه. ٽنگ سان ڌڪ يا ڌِڪو. پير سان ڌڪ. ٽُڏو. چِڙي. ٽوٽي (گڏهه جي).
لَتَ ڏيڻ، ٽنگ جي زور سان چپڻ. لتاڙڻ. لت سان زور ڏيڻ. تڪليف ڏيڻ. آڏو ڦرڻ (ڪنهن ڪم ۾).

لت ڳري ٿيڻ: ڏاڍي جو دٻاءُ پوڻ. زور واري جو چوڻ ڇاڻڻ ٿيڻ (جنهن سان انڪار ڪري نہ سگهجي).

لتَ مُڪَّ: ث. لتن ۽ مُڪن سان ويڙهہ. جهيڙو.

لتَ هڻڻ: ڇڏو هڻڻ. ترڪ ڪرڻ- ڇڏڻ. ڪم ڌاهي ڇڏڻ يا رنڊڪ وجهڻ. مينهن يا ڏڳيءَ جو کير نہ ڏيڻ.

لتون جهلڻ: جنيون سهڻ. بي عزت ٿيڻ. لوڌجڻ.

لتون هڻڻ: ٺڏا هڻڻ. ڌڪارڻ. لوڌڻ.

لتاڙَ: ث. لتن سان چِپُ- پائمالي. ٻني يا گاهہ کي مالَ جي لتاڙ.

لتاڙِڻُ. لتاڙَڻُ: مر. لتن سان چپڻ. پيرن سان چِلهڻ. مٿان هلڻ. پائمال ڪرڻ.

لتڙُ: ص. لتون هڻندڙ.

لِتڙُ: ذ. پراڻو پادر. پُراڻي جُتي.

لِتَڙن سان ڪُٽڻ: سڪل پادرن سان مار ڏيڻ.

لتڙَ: ث. لتن سان چِپَ- لتاڙَ. جهاڳورَ.

لتڙ ڪرڻ: ٻورن جو پوک جا سلا لتاڙڻ.

لِتَلُ: ص. راڳو ڏنل. ٿڦيل (ٻت). مڪيل (سٽي سان).

لتَ پَٽَ: ظ. وهنوار- لاڙ پاڙ- بيباق.

لتڙ پَتڙ: ظ. أبت سُبت- الٽ پلٽ.

لِتَڙَڻُ: مر. ٻرجڻ (گند يا گپ ۾)- آلودو ٿيڻ. ليٽڙيون پائڻ.

لتلُ: ص. گهٽيل (پاڻي)- هيٺو ٿيل (جسم ۾). خارج ٿيل (نوڪريءَ مان).

لِتوڙڻُ: مر. مٽيءَ ۾ ليٽڙيون پائڻ. ٻرڻ (گند وغيره ۾)- آلودو ڪرڻ.

لٿي پٿي: ظ. ڏني ورتي- آخرڪار- نيٺ.

لَٽَ: ث. ڌَر- ڌوڙ- کِهہ- پٽي. ڌُڌڙ.

لُٽَ: ث. ڦُرَ- زوري کسڻ. فضول خرچي. سخاوت ۾ مال لُٽائڻ جي حالت. بربادي- تباهي.

لُٽَ ٻڌڻ: ڦُرڻ- کسڻ. ناجائز منافعو وٺڻ. فضول خرچي ڪرڻ.

لُٽَ جو مال: ذ. ڦُرَ جو مال. مفت جو مال. مال غنيمت.

لُٽُ مچڻ: ظلم ٿيڻ. ناجائز وصولي ٿيڻ.

لٽاڪو: ذ. ڇنل يا ڦٽل پُراڻو وڳو. مُونجهارو- رولو. پريشاني- خفو. ڪٽراڳ.

لٽاڪو لاهڻ: رهيل ڪم پورو ڪرڻ. مونجهارو لاهڻ. مصيبت مان جند ڇڏائڻ. وهنوار ڏيئي آجو ٿيڻ.

لٽاڻِڻُ: مر. ٻُوراڻڻ (مٽيءَ سان).

لٽائِڻُ: مر. اُڏائڻ (ناڻو)- فضول خرچ ڪرڻ. ڦُرائڻ. برباد ڪرڻ. ورهائڻ (دولت).

لِٽبَڻُ: مر. مٽيءَ سان ڍڪجڻ. ٻُورجڻ. ڌَز چڙهڻ.

لِٽبَڻُ: مر. ڦُرجڻ. تباهہ ٿيڻ. اُجڙڻ (گهر).

لٽڪَ: ث. لٽڪڻ جي حالت.

لٽڪائِڻُ: مر. لڙڪائڻ- ٽنگڻ.

لِٽڪَڻَ: ث. لٽڪيل رسي وغيره. ڪا شيءِ لٽڪائڻ جي جهل يا ٽنگڻي.

لٽڪَڻُ: مر. لڙڪڻ- ٽنگجڻ. ڦاسجڻ.

لٽڪَڻُ: مر. گهمڻ ڦرڻ. اوري پري ٿيڻ. رُلڻ. ڀٽڪڻ.

لٽڪو: ذ. ڦاسائڻ جو منتر- حُبَ جو عمل. جادو- ٽوڻو. نخرو. سُونهن ۽ سينگار جو ڏيکاءُ.

لٽَ مارَ: ث. ڦر لٽ- رهزني.

لٽڻُ: مر. ٻُورڻ (مٽيءَ ۾). مٽي وجهڻ. مِٽي هاڻو ڪرڻ. لٽَ وجهڻ. مٽيءَ سان ڍڪڻ (ڏر، کڏ وغيره). دفن ڪرڻ (لاش).

لُٽڻُ: مر. ڦُرڻ- کسڻ. زوري کسڻ. زياده قيمت وصول ڪرڻ. انڌير ڪرڻ. پينگ ڪرڻ.

لٽو: ذ. ڪپڙو. وڳو- پوشاڪ.

لٽا لاهڻ: اگهاڙو ٿيڻ- ننگو ٿيڻ. بي حيا ٿيڻ.

لِٽي: ث. عورتون هڪ ٻئي کي سڏڻ لاءِ هي لفظ

ڪم آڻنديون آهن- اَٽي! ٻَڙي! پياري- مِنڙي.

لٽِ؛ ث. ٽيڪ لاءِ هٿ ۾ کڻڻ جي ڊگهي ڪاٺي- عصا- هاسو. ڏانگهہ. ڪمند جي چڙ. گهاٽي جي وچ واري ٿلهي ڪاٺي. نار يا هرلي جي چَٽَ ۾ پيل ڊگهي ڪاٺي.

لٽ بازِي؛ ث. لٺين سان ويڙهہ.

لٽِ لڳڻ؛ لٺين واري ويڙهہ ٿيڻ. مارا ماري ٿيڻ. جهيڙو ٿيڻ.

لٽيون جهلڻ؛ مار کائڻ. تڪليفون سهڻ.

لٽڙيو؛ ص. لٽ سان ويڙهہ جو ماهر- لٽ سان وڙهندڙ.

لٽو؛ ذ. هڪ قسم جو اڇو سوٽي ڪپڙو- پٽيو- هِرڪُ.

لَپَ؛ ث. هڪڙي هٿ جي ترِيءَ تي آيل مقدار- چُرون.

لپاٽَ؛ ث. چَماٽ- ڳل تي هٿ جو ڌَڪ.

لِپِري؛ ث. سوج يا ڦٽ تي اٽي ۾ رڌل وڪر جو شِيرو- پوٽيس. پِني- ليپُ.

لَپُڙُ؛ ذ. پَٽ جو وَڏو گرانهہ- ڳِٽو.

لَپُڙائِڻُ؛ م. ٽٽائڻ. بهاني بازي ڪرڻ. گوٽتات ڪرڻ.

لپسي؛ ث. ڪڻڪ جي اٽي جو پتڙو سِيرو.

لپڪو؛ ذ. اوچتو جهٽ- جهڙپو. لامارو.

لَپَڻُ؛ م. لپون هڻڻ- لپون هٽي کائڻ. لپا هڻڻ.

لپو؛ ذ. وڏي لپ. وڏو گرانهہ. ڪوٽائي ۾ ڪوڏر جي هڪ واري ۾ آيل مِٽي گارو وغيره.

لپو لڳڻ؛ وارو لڳڻ- وجهہ لڳڻ- موقعو ملڻ. وڏو داءُ لڳڻ. اُترندو فائدو ملڻ.

لپو هڻڻ؛ طرفداري ۾ ڳالهائڻ- حمايت ڪرڻ. وجهہ ملڻ تي فائدو وٺڻ.

لپوڙو؛ ذ. وڏو گرانهہ. ٻٽاڪ- گشو. داءُ.

لپوڙا هڻڻ؛ وڏا گرانهہ هڻڻ- وڏا ڳِٽا هڻڻ. ٻٽاڪون هڻڻ.

لپي؛ ث (سن. لِپي) لکڻ جو نمونو- صورتخطي- املا.

لپيٽَ؛ ث. ويڙهڻ جي حالت. وڪڙ- ڦيرو. وراڪو. ٻَڪُ- حملو- گهيرو. پيچ. داءُ- وجهہ. چپيٽ.

لپيٽڻُ؛ م. ويڙهڻ (ڌاڳو، ڪپڙو). سميٽڻ. وَر ڏيڻ. تَهہ ڪرڻ. جڪڙڻ.

لجاجَتَ؛ ث (ع) عاجزي. منت. خوشامد.

لَجَ؛ ث (سن. لجا) شرم- حياء- ڍِڪائي. حجاب. لحاظ. غيرت. عزت- آبرو. عصمت. سَتُ- سِيلُ. ننگ. نڪاح ٻڌي زال.

لَجَ رکڻ؛ عزت رکڻ- مانُ رکڻ. شرم رکڻ. پَت رکڻ.

لَجَ لٽڻُ؛ عورت جي عصمت دري ڪرڻ.

لجا؛ ث. لڄ- حياء. عصمت.

لجادارُ؛ ص. لڄارو- شرميلو- حياء وارو.

لجارو؛ ص. شرمندو- شرمسار- ڍِڪو.

لجائِڻُ؛ م. شرمسار ڪرڻ- مَياري ڪرڻ.

لجپالُ؛ ص. لڄ پت رکڻ وارو- ننگي.

لچُون ڪلچُون؛ ظ. خوشي يا ناخوشي سان- طوعا ڪرها- مجبورا.

لچي؛ ص. ڍِڪو- شرمندو. پيشيمان.

لُچُ؛ ص (ف) اگهاڙو- ننگو. بدچال. بدمعاش. بدڪار. مستي خور- حرڪتي.

لُچائي؛ ث. بي حيائي. بدمعاشي. حرڪت- شرارت. مستي- اٺوتڙائي- ڪيچل. بدخواهي.

لچَڪَ، لِچَڪَ؛ ث. مُڙڻ جي خاصيت. نرمي.

لچڪدار؛ ص. لچڪو. مُڙندڙ. چيڙهہ وارو.

لِچڪڻُ؛ م. لُڏڻ- لرزڻ- ڏڪڻ. نرم شيءِ جو مڙي وري ساڳي جاءِ تي اچڻ. نرمي جي روش اختيار ڪرڻ.

لِچڪو؛ ذ. لوڏو- ڏوڏو. نرمي.

لِچَڻُ؛ م. جهڪڻ- مُڙڻ. چبو ٿيڻ.

لُچو؛ ص. بدمعاش. حرڪتي- شرير. واهيات.

فسادي. (ث. لُچي).

لَچَ: ث. ذرو- ٿورو حصو.

لَچَ: ث. لوڇَ- ڦٿڪو- بي آرامي.

لَچ لَچ: ث. بي انمالائي سان هلڻي. ٽوس ٽوس. دردر رولڻو.

لچَ لچ ڪرڻ: در در ڦرڻ. اجايو هلڻ. ڀٽڪڻ.

لڇمي: ث (سن) ڌن دولت- مايا. (ص) سگهڙ- سدوري- سياڻي.

لڇڻُ: ذ. فعل- عادت. ڪرُ. خصلت. هلت چلت. آثار- اهڃاڻ.

لڇڻ سکڻ: خراب عادتون سکڻ- بڇڙا ارڪان ڪرڻ.

لڇڻُ: م. ڦٿڪڻ- تڙڦڻ. درد کان بيتاب ٿيڻ.

لِحاظ: ذ (ع) غور سان ڏسڻ. خيال رکڻ. ڌيان- خيال- توجهه. طرفداري. شرم- مرم. سانگو. مروت. پاسخاطري.

لحاظ ڪرڻ: پاسخاطري ڪرڻ. مروت سان پيش اچڻ. شرم ڪرڻ- حيا ڪرڻ.

لحاظي: ص. ناتي جو خيال رکندڙ. مروتي. ڄاڻ سڃاڻ- واقف ڪار.

لِحافُ: ذ (ع) سَوڙ. کيهه سان پريل اوڇڻ.

لَحَدُ: ث (ع) قبر جو کُچهه (جنهن ۾ لاش رکجي)- سامي. قبر- ٻِني.

لحظو: ذ (ع) پَل- لمحو- گهڙي- ڪن. اک ڇنڀ.

لحظي به لحظي: ظ. گهڙي گهڙي- ذري ذري. هروقت.

لَحمُ: ذ (ع) گوشت- ماهه- ماسُ.

لَحَنُ: ذ (ع) آواز. سَڏ- صدا. خوش ٽوائي. ترانو- نغمو.

لحن داؤدي: ذ. نهايت سُريلو ۽ مِٺو آواز.

لَحيمُ: ص (ع) ٿُلهو- متارو.

لحيم شحيمُ: ص. ٿلهو متارو.

لختُ: ذ (ف) ٽُڪر- حصو. ٿورو مقدار.

لختِ جگر: ذ. جگر جو ٽُڪرو. پُٽ- اولاد. محبوب.

لخلخه: ذ (ع) ڪن خوشبودار شين جو مجموعو (عنبر، مُشڪ، عُود وغيره جيڪو مريض کي سُونگهائڻ مفيد آهي).

لَدُني: ذ (ع) اهو علم جيڪو سکڻ کان سواءِ ملي يا خدا تعاليٰ ڪنهن کي عطا ڪري ۽ اُهو وَحي يا الهام مان حاصل ٿئي.

لَڏ: ث. 'ليڏ' جي حالت. حاصلات. لاپ- فائدو. لڏل مال.

لڏرو: ذ. هڪ قسم جو آبي جانور.

لَڏلُ: ص. حاصل ٿيل. هٿ آيل.

لڏو: ذ. لِکيو- ڀاڳ- نصيب. ازلي انگ. نصيب جو لکيو.

لُڏو: ذ. هڪ تاري جو نالو (سُهيل يمني).

لَڏ: ث. بار- بوجهو. گڏهه تي لڏيل سامان. پري- هَڙ. مَڏي. ٻڌل سامان. ڪاٺين جي ٻڌل مُوڙي.

لڏ لاهڻ: بار پري لاهڻ. بار لاهي ٿانيڪو ٿيڻ.

لِڏ: ث. گڏهه گهوڙي، خچر هاٿي وغيره جو ليڏون جي صورت ۾ ڇيڻو.

لڏائڻُ: م. گاڏي بار سان پرائڻ. تيز ڪشائڻ (ڳوٺ يا شهر مان). لوڏي ڪڍڻ- شهر نيڪالي ڏيڻ.

لُڏائڻُ: م. پينگهي يا پينگهہ ۾ لوڏا ڏيڻ- جُهولائڻ.

لَڏِ پَلاڏ: ث. وهٽ پلاڻي اسباب کڻڻ- نقل مڪاني. هڪ هنڌان مڏي کڻي ٻئي هنڌ وڃڻ- ڪُوچُ.

لَڏِجَڻُ: م. بار سان پرجڻ (گاڏي،اٺ وغيره). ڪوچ ڪرڻ. لڏي وڃڻ.

لڏجي وڃڻ: بار سان پرجي وڃڻ. مالا مال ٿيڻ-

ڏيٺي وڃڻ.

لَڏَڻُ: مر. بار رکڻ- سامان رکڻ (گاڏي، وهٽ وغيره تي). هڪڙي هنڌان ٿپڙ کڻي ٻئي هنڌ وڃڻ. ٿپڙ کڻڻ- ڪُوچ ڪرڻ. انتقال ڪرڻ- مرڻ- وفات ڪرڻ.

لَڏڻِ: ذ. ناز سان هلڻ وارو. منڙو- سهڻو- دلبر- پيارو.

لُڏَڻُ: مر. پينگهه يا پينگهي ۾ لوڏا کائڻ. جهُولڻ. جهُومڻ. گهِڏڻ (نشي ۾).

لڏڻ لمڻ: هڪ هنڌ نہ ويهڻ- ٽڪاءُ نہ هجڻ. دل من هڻڻ.

لڏِڻو: ذ. لڏندڙ. گهڙيال جو پُتلو. پينگهو.

لَڏو: ذ. سامان (گهر جو)- ٿپڙ ٽاڙي. اثالو. لڏي ويندڙ ماڻهو ۽ انهن جو سامان (وهٽن تي). عيال- ڪٽنب.

لڏو لاهڻ: گهر ڪري ويهڻ. ٽانيڪو ٿيڻ. ٻي همٿ ٿيڻ.

لَڏُون: ذ. مٺائيءَ جو هڪ قسم. نُختي (ٻُوندي) مان ٺهيل گول مُنيا.

لڏُون ورهائڻ: خوشيءَ جي موقعي تي مٺائي ورهائڻ.

لُڊِالو: ذ. "مومل- رانيءَ" جي قصي واري مومل جي رهڻ جو هنڌ (هن وقت پارت- راجستان ۾ آهي).

لذّتَ: ث (ع) ذائقو- سواد- ساءُ. لطف- مزو. چَش- خوشي.

لذتون وٺڻ: مزا ماڻڻ- لطف وٺڻ- عيش سان گذارڻ.

لذِيذُ: ص (ع) ذائقيدار- مزيدار- سوادي. وڻندڙ. چَش وارو.

لَرِ: ث. لُوهہ- رُوڄ. (ص) جلد- تکڙ ۾.

لُرُ: ذ (ف) ايراني نسل جي ڪوهستان ۾ آباد هڪ قوم (جيڪا ڊگهي قد واري ٿئي). (ص) بيوقوف- احمق- بي عقل.

لرزان: ص (ف) ڏڪندڙ (ڊپ کان)- ٿڙڪندڙ.

لرزائڻُ: مر. ڏڪائڻ- ٿڙڪائڻ- ڪَنبائڻ. ڊيڄارڻ.

لرزِش: ث (ف) ڏڪڻي- ڪَنبڻي- ٿڙڪڻي.

لرِزَڻُ: مر (ف) ڏڪڻ- ڪنبڻ- ٿڙڪڻ. ڊڄڻ. ڏٻڻ.

لرزو: ذ (ف. لرزه) ڏڪڻي. ڊپ يا بيماري سبب ٿڙڪڻي.

لرِ لرِ: ث. وڏي آواز ســان اجايو ڳالهائڻ. بڪ بڪ- ٻڪي.

لُري: ث. سياري ۾ اُتر يا اولهہ کان لڳندڙ تمام ٿڌي هوا. تمام گهڻي سِڪَ يا تانگهہ.

لڙُ: ذ. هُل. گوڙ. اجايو ڳالهاءُ. هنگامو. ڏمچر. بدامني- فساد. ميرو مٽيءَ هاڻو پاڻي. درياءُ ۾ آيل نئون پاڻي (جيڪو ريٽ ۽ مٽيءَ سبب ميرانجهڙو هوندو آهي). آسمان ۾ غبار ۽ ڌُنڌ.

لڙ لهڻ: گوڙ بند ٿيڻ. آسمان تان غبار لهڻ. معاملو ختم ٿيڻ.

لڙاٽُ: ذ. لڙ- غبار- رَئي. مٽيءَ گڏيل پاڻي.

لڙائڻُ: مر. آئريل پاڻي کيَ هٽ سان ميرو ڪرڻ.

لڙاڪُ، لڙاڪُو: ص. ويڙهاڪ- جهيڙاڪ. جنگجُو.

لڙائِڻُ: مر. ويڙهائڻ- جنگ ڪرائڻ. مقابلو ڪرائڻ. پيٽ ڪرائڻ- ٽڪرائڻ.

لڙائِي: ث. ويڙهہ- جنگ- معرڪو- رزم. جهيڙو- تڪرار.

لڙائي ڪرڻ: جنگ ڪرڻ. جهيڙو ڪرڻ. تڪرار ڪرڻ.

لڙڪُ: ذ. اکين مان وهندڙ پاڻي جو قطرو- ڳوڙهو- هنج- آشڪ.

لڙڪ وهائڻ: هنجهون هارڻ- ڳوڙها ڳاڙڻ. روئڻ. افسوس ڪرڻ.

لڙڪائِڻُ: مر. لٽڪائڻ- ٽنگڻ. نمائڻ- جهُڪائڻ. ڦاسائڻ.

لڙڪَڻُ: مر. لڙڻ. ٽنگجڻ. لٽڪڻ. لاڙو ڪرڻ. هيٺ ٿيڻ- نمڻ.

لُڙڪي؛ ث. ڪنن ۾ پائڻ جو ڳهه.
لڙ لڙ؛ ث. بڪ بڪ- جهڳي- بڪواس. اجايو ڳالهائڻ.
لڙڻُ؛ م. جنگ ڪرڻ. وڙهڻ. جهيڙو ڪرڻ. ٽڪرجڻ. مقابلو ڪرڻ. ورڻ- مُڙڻ. لاڙو ڪرڻ. ڦرڻ (رستي کان)- موڙ کائڻ. لهڻ (سج).
لڙي وڃڻ؛ لنگهي وڃڻ- هلي وڃڻ. پاسو ڪري وڃڻ.
لڙڻُ؛ م. لڙائڻ (پاڻي). گهنج ڪرڻ (ڪپڙي کي). لوڻڻ (مٽيءَ ۾).
لڙهه؛ ث. هار. سرَ- لڙهي (موتين جي). ڏاڳو- ڳاٽو. قطار- لانڍ. وسيلو. اجهو. پروسو- سهارو. دامن. پَلَئُه.
لڙهه لڳڻ؛ تعلق ٿيڻ. آسري تي لڳڻ. سهاري ٿيڻ. دامن جهلڻ.
لڙهڻُ؛ م. پاڻيءَ جي وهڪري ۾ وهي وڃڻ- لڙهندو وڃڻ. غرق ٿيڻ. جسماني طرح ڍهي پوڻ- هيڻو ٿيڻ- ڪمزور ٿيڻ.
لُڙهي وڃڻ؛ وهي وڃڻ (وهڪري ۾). ڪمزور ٿيڻ- هيڻائي ٿيڻ.
لڙهو؛ ذ. لانڍ- قطار. ڊگهي لٺ. ڊگهي ڪاٺي- چڙ. پاڻي ۾ وهندڙ ڪاٺ يا بُند. پاڻيءَ جو وڏو وهڪرو- اٿل. پکين جي هڪ بيماري.
لڙهو لڳڻ؛ وڏي بيماري ۾ ورجڻ. بيماري جو زور ٿيڻ.
لڙهي؛ ث. سَر (موتين جي). هار (موتين مڻڪن جو). لانڍ- قطار. سلسلو- سنگهر.
لُڙي؛ ث. لڙهه (موتين جي)- سَرَ. قطار. لانڍ. هار- مالها.
لِڙَ؛ ص. نِستو- هيڻو- ڪُنڌرو. نازڪ. باريڪ- سَنهون. ليلهر- بي همت. (ذ) بڪريءَ جو تازو جاول ڦُرَ.
لَسَ؛ ث. لساڻ. سَنوتَ- سڌائي. هڪجهڙو متاچرو. پاڻيءَ جي اچَ. ڪڪرن جي لانڍ (جنهن ۾ وٺي نه هجي). (ظ) سدو- لسو- بنان رندڪَ.
لَس لائڻ؛ قطار ناهڻ. ڪا گهٽي نه ڇڏڻ.
لِسانَ؛ ث (ع) جيڀ- زبان. ٻولي- ڀاشا.
لَساڻ، لَسائي؛ ث. سِڌائي- سَنوَت (سطح جي).
لَستَ؛ ث (ع. لذت) سواد- ساءُ- مزو- لطف- لذت. ذائقو.
لَستي؛ ص. سوادي- ذائقيدار- وڻندڙ- لذت وارو.
لَسڙاٽُ؛ ص. ڳيرو (جنهن کي ڏاڙهي مڇ نه آيل هجي)- ننڍي عمر جو.
لَسڙو؛ ص. لاسڙيات- لسڙاٽ- ڳيرو.
لَسَڻ؛ ث. ٿُومَ.
لَسَڻُ؛ ذ. جسم تي پيدائشي ڳاڙهو يا ڪارو داغ.
لَسو؛ ص. سنئين متاچري وارو- هموار. اهو جسم جنهن تي وار وغيره نه هجي. چلڪڻو. لاسڙاٽ- ڳيرو (بنان ڏاڙهي مُڇ جي). (ث. لَسي).
لِسو؛ ص. بي لذت- بي سواد. اَلوڻو- ڦِڪو.
لَسي؛ ث. ڏُڌ. ڇِڍو ڏُڌ- ڇاچ.
لشڪَرُ؛ ذ (ف) فوج- سپاهه- ڪٽڪ. هجوم. انبوهه- ٺٺ. اتالو.
لشڪر ڪَشي؛ ث. فوج جي چڙهائي- حملو- ڪاهه.
لشڪر گاهه؛ ذ. ڇاوڻي- ڪئمپ.
لشڪري؛ ص. سپاهي- فوجي. عسڪري.
لش لش؛ ث. ڪُتي جي کائڻ يا لڪڻ جو آواز.
لش لش ڪرڻ؛ ڪُتي وانگر کائڻ. تڪڙ يا هبڇ مان کائڻ.
لطافت؛ ث (ع) چِٽائي- رقت. هلڪائي. خوبي- سُهڻائي. پاڪيزگي. تازگي. ذائقو.
لطائف؛ ذ (ع) "لطيفه" جو جمع. ٽوٽڪا (ڪلَ

مسخري وارا).

لُطف، ذ (ع) لذت– مزو. فرحت. مهرباني– احسان– تورو– ڪرم– عنايت. تازگي– خوشي.

لَطِيفو، ذ (ع) ٽوٽڪو– يوگ چرچو– کِل مسخري واري ڳالهه.

لُعابُ، ذ (ع) ٿُڪَ– پِڪَ. ڱگ. گهاٽو ۽ چيڙهه وارو رَسُ. رَسُ.

لَعلُ، ث (ف) ڳاڙهي رنگ جو هيرو– ياقُوت.

لَعلُ، ص (ف) ڳاڙهو– سُرخ– لالُ. (ذ) ڳاڙهي رنگ جو جواهر– ياقوت.

لَعَن، ذ (ع) ڦِٽڪار– نفرت. ڄِٽ– ملامت.

لَعَن طَعن، ذ. ڄِٽ ڦِٽ– لعنت ملامت.

لَعنَتَ، ث (ع) ڦِٽڪار– ملامت. نفرت جو اظهار– ڌڪار. پِٽِڻا.

لعنت ملامَت، ث. ڄِٽ ڦِٽ. پِٽ پاراتو.

لعنت وِجهڻ، ڦِٽڪار وجهڻ– پاراتو ڏيڻ.

لعنتِي، ص. لعنت پيل– ڦِٽڪاريل. ملعون.

لَعِيڻُ، ص (ع) جنهن تي لعنت پيل هجي– ملعون. لعنتي– هڄارو.

لُغاتَ، ث (ع) "لغت" جو جمع. الفاظ. ٻوليون. اُهو ڪتاب جنهن ۾ الفاظ ۽ معنائون ڏنل هجن– فرهنگ– ڪوش– ڊڪشنري.

لَغارَ، ث. ذرو– چِٽڪو– گهَڪو.

لَغار لڳڻ، گهَڪو اچڻ. اثر ٿيڻ.

لَغامُ، ذ (ف) گهوڙي جي واڳ جو اهو لوهي ڪَنڍائون حصو جيڪو گهوڙي جي وات ۾ وجهجي.

لغام چاڙهڻ، وات بند ڪرڻ. قابو ڪرڻ. قاعدي ۾ آڻڻ.

لَغايَتِ، ظ (ع) پڇاڙي تائين– آخرتائين. شامل– سميت.

لُغَتَ، ث (ع) لفظ. جملو. ٻولي– زبان. فرهنگ– ڊڪشنري– ڪوش.

لُغتِي، ث. ڪُوڙ. ٺلهي يا هوائي ڳالهه. پاسرائي وارو ٽونشو.

لُغتيون هڻڻ، ابتيون سبتيون ڳالهيون ڪرڻ. اجايا افواهي گپوڙا هڻڻ.

لَغدِي، ث. ٿان؛ جي چُلهه تي رکڻ واري پاسي تي آيل ليپو (آلي مِٽيءَ جو تهه).

لَغَڙُ، ذ. ڪاغذ مان ٺهيل چؤڪور ٽُڪلو– پَتنگ (قسم؛ گُڏي، تُڪَل. ٻانيءَ وغيره). باز (پکي) جو هڪ قسم ("جُغَڙ" جي مادي).

لَغڙ هڻڻ، گشا ڏيڻ– آسرا دلاسا ڏيڻ. ٻِٽاڪون هڻڻ.

لَغزِش، ث (ف) ترڪڻ. ڏڪڻي. ٿابو. غلطي– ڀُل چُڪَ. پير ٿڙڻ. گمراهي.

لَغوُ، ص (ع) بيهوده– واهيات. بي معني– اجايو. بي فائدو– بيڪار. (ث) بيهودي ڳالهه يا ڪم.

لَغورُ، ص. بيحيا– بيشرم. گيدي– بزدل– ڊڄڻو. لوفر– رولو.

لُغوِي، ص (ع) لغت سان منسوب. اصلي.

لَفاظي، ث (ع) خوش بياني. ڳالهه ۾ ديگهه– وڏائي. بڪواس. ٻٽاڪ.

لِفافو، ذ (ع) ڪاغذ جو پوش. ڪاغذ جو غلاف (جنهن ۾ چِٺي بند ڪجي).

لَفظُ، ذ (ع) ٻن يا ٻن کان وڌيڪ اکرن جو بامعني ٻول. جملو. ڳالهه.

لفظ بہ لفظ، ظ. هڪ هڪ لفظ. هوبهو. تفصيلوار.

لفظِي، ص. لغوي. اصلي. لفظن جو.

لَفنگ، لَفنگو، ص. بدمعاش– لُچ. رولُو– آواره.

لَف و نَشر، ذ (ع) ٽِڙيل پکڙيل شيون ويڙهڻ. عروضي شاعري جو هڪ اصطلاح، جنهن ۾ شعر جي

هڪ مصرع ۾ ڪي شيون بيان ڪجن، ته ٻيءَ مصرع ۾ بيون.

لِقَ: ث. چمڙي تي گاٺ سبب ٿيل ٿوٿيندو- ڦُلو- ڇُلڻو.

لِقِجِڻُ: م. گند مٽي وغيره ۾ پرجڻ.

لَقُڙُ: ص. ڪَنو ڏِگهو. ڦداور. بدنفيلت- بي انمالو.

لِقُڻُ: م. ڦِتڻ- گند مٽي سان پرڻ- گند هائو ڪرڻ.

لَقاء: ذ (ع. لقاء) ديدار- نظارو- ڏيکاءُ. صورت- شڪل. صفاتي پڇاڙي طور ڪم ايندڙ لفظ (جشن ماه لقا وغيره).

لَقاپور: ذ. اهو خيالي مڪان جتي سدائين سوجهرو آهي. لقاء وارو ماڳ.

لَقَبُ: ذ (ع) اهو نالو جو ڪنهن خوبي، خصوصيت يا عزت ڪان پيل هجي. عزت وارو نالو- خطاب.

لَقب لائڻ: الزام مڙهڻ. ڏوهه ڏيڻ. ٽِڪو ڏيڻ. بدنام ڪرڻ.

لَقِ دِق: ذ (ف) پوٺو- بريٺ- ويرانو.

لَقلَقُ: ذ (ع) هڪ قسم جو آبي پکي (ٽنگون ڊگهيون، چهنب ويڪري ۽ ڊگهي)- سارس- ڪَنگُ.

لُقمانُ: ذ (ع) هڪ حڪيم جنهن جو ذڪر قرآن شريف ۾ آيو آهي (جنهن پنهنجي پٽ کي نصيحتون ڪيون هيون). قرآن شريف جي هڪ سورة جو نالو. (ص) سيائو- ڏاهو- داناءُ.

لُقمو: ذ (ع) گرانهه- نِوالو. طعام. عمدو کاڌو.

لُقمو ڏيڻ: وات ۾ گرانهه ڏيڻ. رشوت ڏيڻ. هلندڙ بيان جي وچ ۾ رهجي ويل ڳالهه يا ٽاٽو ياد ڏيارڻ.

لَقو، لُقو: ذ (ف) ڪبوتر جو هڪ قسم (جنهن جو پُڇ وِچڻي ڇانگر مٿي ٿيل ۽ ڪنڌ پوٺتي جُهڪيل ٿئي).

لَقوو: ذ (ع) بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ اڌ جسم جا سنڌ سُڪي ۽ ڦري وڃن)- اڌ رنگ- فالج.

لڪَ: ث. چيلهه- ڪمر.

لڪدار: ص. سنهي چيلهه وارو. سهڻي هانيءَ وارو.

لڪُ: ذ. جبل جو لنگهه. جبلن جي وچان لنگهندڙ رستو. گهٽ- لنگهه. جبل جو گس. چيلهه- ڪمر.

لڪ لنگهڻ: تڪليفون جهاڳي پار پوڻ. مشڪلاتن مان پار پوڻ. وڏي مرض مان بچي اُٿڻ. ڏکيو وقت گذاري وڃڻ.

لِڪَ: ث. ڍَڪَ. لِڪڻ يا لڪائڻ وارو عمل. ڍَڪَ. ڳُجهه.

لِڪَ لِڪائڻ: راز مخفي رکڻ. ڳالهه ڳجهي رکڻ.

لِڪُ: ذ. راز- ڀيد- ڳُجهه.

لَڪَ: ث. اونهاري ۾ ٻن پهرن جي گرم هوا. گرم هوا- لوهه- لُوءِ. جهولو.

لَڪَ لڳڻ: جهولو لڳڻ. جهولي سبب بيمار ٿيڻ.

لِڪائِڻُ، لڪائڻ: م. ڇپائڻ- ڍڪڻ. پوشيدو رکڻ- ڳجهو رکڻ. راز ۾ رکڻ. ڇپر ڪرڻ- گم ڪرڻ. روپوش ڪرڻ. ٿَمَڻُ.

لِڪَ ڇَپَ: ث. ڳجهه ڳوهه- ڳجهيءَ طرح. خلوت.

لِڪ لِڪوٽي: ث. هڪ قسم جي ٻاراڻي راند (لِڪڻ ۽ ڳولڻ واري راند).

لڪَڙُ: ذ. ڪاٺُ.

لڪڙا: ذ. هندن ۾ مڙدي کي ساڙڻ لاءِ ڪم ايندڙ ڪاٺيون.

لڪڙا ڏيڻ: مڙدي کي ساڙڻ.

لڪڙ تار: ث. (محاورو) ٽر ۾ جلد پکڙندڙ خبر.

لڪِڙو: ذ. ڊگهي ڪاٺي- ڊگهي ڇڙَ.

لڪِڙي: ث. ڳچيءَ جو هڪ ڳهه- سون يا چانديءَ جو پٽلو (جيڪو سنهي زنجيري يا ڏور ۾ وجهي پائجي).

لڪَڙياري: ص. لڪڙ جهڙي سنهي ۽ ڊگهي قد واري (عورت)- سُهڻي- نازڪ.

لڪشمي: ث (سن) لڇمي- سڀاڳ. ڪاميابي. خوشي. ڏن- نالو.

لِڪَلُ: ص. ڳجهو- خُفيه. پوشيده. ڍڪيل.

لڪِ لڪِ، ث. ڪُتي جي پاڻي پيئڻ جو آواز.
لَڪنَتِ، ث (ع) ٻاتاڻ (زبان ۾)- ٻاتاڻي. ھَڪڙاھِ- اٽڪل (زبان ۾).
لَڪَڻُ، م. ڪتي وانگر پيئڻ يا چٽڻ.
لڪڻُ، ذ. ننڍي لٺ (جيڪا ٽيڪ لاءِ ھٿ ۾ ڪٺي ھلجي)- ٻانڊو- عَصا.
لِڪَڻُ. لڪَڻُ، لِڪي وڃڻ- پوشيدو ٿيڻ- ڇپڻ- غائب ٿيڻ- گم ٿيڻ.
لِڪو رھڻ، ڳجھو رھڻ- روپوش رھڻ. گم رھڻ.
لَڪِي، ث. جبل جو لنگھ. جبل مان ويندڙ واٽ.
لَڪِي، ث. ڳچيءَ جي پٺاڙي واري ڪڏ. ٻِڙي- نڙگھٽ وارو سَنڌ.
لَڪِيرَ، ث. لِيڪَ. سِٽَ.
لکَ، ث. ڪَلَ- خبر- سُڌَ- پروڙ. سُرت.
لکُ، ذ. ھڪ عدد- سؤ ھزار.
لِکَ لُٽائڻ، گھڻي سخاوت ڪرڻ. ملڪيت اُڏائڻ.
لَکين ۾، ص. تمام گھڻن ۾- سينين ۾.
لکين، تمام گھڻا- بي انداز- لاتعداد.
لِکَ، ث. ٿوري ڌري- ھَوَ. ساعت- پل. لِکيو- ڀاڳ. ڳھ ۾ پيل ھيري جي ڪَڻِي يا شيشي جو ٽڪ.
لکَ، ث. لڪَ- جھولو- لوھ.
لکا، ث. سَمھڪ- خبر- پروڙ- احساس.
لکاپتي، ص. جنھن وٽ لکين رپيا ھجن. دولتمند- امير.
لِکا پَڙھي، ث. تحرير- اقراري لکيت. قبوليت.
لکانو، ذ. ھجري سن جو ستون مھينو (جنھن ۾ زڪواة ۽ خير خيرات ڏني).
لِکائي، ث 'لِکڻ' جو معاضو.
لکائڻُ، م. ڏيکارجڻ- محسوس ٿيڻ- ڏيکائي ڏيڻ.
لِکائڻُ، م. تحرير ڪرائڻ- ڪتابت ڪرائڻ.

لکاوَٽَ، ث. لکڻ جو نمونو- لکٺي.
لِکَتَ، ث. تحرير- اقرارنامو. تحرير جو نمونو- صورتخطي.
لِکت پَڙھَت، ث. تحريري اقرار نامو. لکپڙھ.
لَکپَت، ذ. "ڪڇ" (پارت) جي ھڪ بندر جو نالو.
لِکپَڙھ، ث. خط پٽ- چِٺي چپاٽي. لکيت ۾ ڪا ڳالھ.
لَکڻُ، م. سمجھڻ- محسوس ڪرڻ. ڏِسجڻ. لکائڻ.
لَکڻُ، ذ. انمال- ليڻ.
لِکڻُ، م. تحرير ڪرڻ. ڪتابت ڪرڻ. تصنيف ڪرڻ. دفتر ۾ چاڙھڻ. (ذ) تحرير- لکيت.
لِکڻِي، ث. لکڻ جو نمونو. تَحرير. رسم الخط. لِکڻ جي اسٽيل يا قلم.
لِکي ڏيڻ، اقرار ڪرڻ- قبول ڪرڻ.
لَکِي، ص. لکاپتي. لکن جو. قيمتي. گھوڙي جو ھڪ رنگ (ڳاڙھاڻ مائل).
لِکِيَتَ، ث. تحرير- لِکائي. اقرارنامو. دستاويز. قبوليت.
لِکيل پڙھيل، ص. تعليم يافتہ- پڙھيل ڳڙھيل.
لِکيو، ذ. تحرير- نوشتہ. حڪم الاھي- الاھي اَمُر. قسمت- نصيب- ڀاڳ.
لکيو اَڏو اچڻ، قسمت ۾ جيڪي ھوندو سو ٿيڻ.
لکيو پورو ٿيڻ، نصيب جو لکيو پورو ٿيڻ. شادي ٿيڻ.
لکيو لوڙڻُ، مصيبت جو وقت ڪاٽڻ. ڏکيا ڏينھن گذارڻ.
لِکيو پڙھيو، ذ. درس تدريس. عھد اقرار.
لَکامُ، ذ (ف) لغام- واڳ (گھوڙي جي).
لگُ، ظ. ويجھو- قريب. لڳل- لاڳو. پرسان (حرف جر) لاءِ واسطي. (ذ) پکين ۽ جانورن جو ميلاپ.
لگائِڻُ، م. ملائڻ- ڳنڍڻ- گڏڻ- جوڙڻ. چنبڙائڻ. شامل ڪرڻ. خرچ ڪرڻ. ٺوڪڻ (پادر، موچڙا). ھڻڻ (وڻ، بوٽو). تھمڻ- مڙھڻ (الزام).

لڳو ئڳو؛ ظ. ملندڙ جُلندڙ. أنهي جهڙو. ذري گهٽ- تقريبا. اٽڪل روۂ. (ث) ميل ملاقات- ڏيٺ ويٺ.

لڳتَ؛ ث. جن ڀُوت جو اثر.

لِڳڙُ. لِڳڙو؛ ص. چنبڙندڙ. لِڳ لڳدار. ڦِلهڙو. ٿيڦو. نرم. ڪُونٿرو.

لڳڙُ. لڳڙو؛ ذ. ڪپڙو. ڦاٽل پرالو ڪپڙو.

لڳلُ؛ ص. مليل. گڏيل- پيتل. لاڳُو. چنبڙيل. داغ لڳل.

لِڳِ لِڳِ؛ ث. ليس- چنبڙڻ وارو مادو.

لِڳلِڳدار؛ ص. ليسدار- چنبڙندڙ- لڳڙو. ڪونٿرو- نرم.

لڳڻُ؛ مر. ٽڪرجڻ. ٺهڪڻ. ملڻ. گڏجڻ. چنبڙڻ. ٿيڻ (دل. پريت). مشغول ٿيڻ (ڪم ۾). محسوس ٿيڻ (اڃ. بک. اثر). گهُلڻ (هوا. طوفان). ڪُپڻُ- جُڙڻ. ڳنڍجڻ. گسڻ (پاسو). چُڀڻ (ڪنڊو وغيره). ڦرجڻ (چوپائي). ملڻ (وجهہ). اثرائتو ٿيڻ- ڪارگر ٿيڻ. بندجڻ (اک).

لڳو رهڻ؛ ڳنڍ رهڻ. گڏيو وتڻ. چنبڙيو رهڻ. مصروف رهڻ- رُڌل رهڻ. قائم رهڻ.

لڳي وڃڻ؛ چهٻي وڃڻ- شروع ٿيڻ. اتفاقا لڳو (ذڪ).

لڳو؛ ص. ("سڳو" جو ضد). اهو اولاد يا مائٽ جيڪو "سڳو" نہ هجي. ڏاريو.

لڳو لڳُ؛ ظ. گڏ- لاڳُو- ساڻُ- پٺ. لاڳيتو- سانده- مسلسل.

لڳهہ؛ ذ. ڪڪر- ميگهہ.

لڳي؛ ث. نِينهُن- عشق. محبت- دوستي. لاڳاپو- تعلق. خواهش- آرزو.

لڱَ؛ ذ (ف. لنگ) منڊڪائي.

لِڱَ؛ ذ. بدن جو ڪوبہ عضوو. بدن- جسم. تڙ.

لِڱَ ڪانڊارجڻ؛ خوف سبب بدن ۾ سِيسڙاٽ ٿيڻ. جسم جا وار اُڀا ٿيڻ.

لِڱَ ڪوسا ٿيڻ؛ بخار ٿيڻ- تپ ٿيڻ.

لڱائِڻُ؛ مر. منڊڪائڻ. لنوائڻ. گوڏنات ڪرڻ.

لڱائي؛ ث. اگهائي- بيماري. عيب. خرابي- بيڙائي. مَدِي.

لڱائي چڱائي؛ ث. چڱي مَنِي. بيماري سيماري. برائي ڀلائي. عيب ثواب.

لڱو؛ ص (ف. لنگ). منڊو- لنگڙو. ناچڱو- ناخوش- بي مزي- بي چاڪ. ("چڱو" جو ضد).

لَلُ؛ ذ. ليڻ- ڪِرُ- افعال. خوبي- چڱائي. همت- مڙسي.

لُلُ؛ ص. چريو- بي عقل. مستانو. چَٽُ.

لِلهُ؛ ندا (ع) الله جي واسطي- خدا ڪارڻ.

لِله في اللهِ؛ ص. خدا ڪارڻ. خدا جي واٽ ۾.

لِلاهُوہ ڪرڻ؛ خدا جا واسطا وجهڻ. عاجزيون ڪرڻ. عرض ڪرڻ.

لَلِت؛ ث (سن) "هنڊول" راڳ جي هڪ راڳڻي.

لَلِرِ؛ ث. گاهہ جو هڪ قسم (جيڪو ڀاڄي طور بہ ڪم اچي).

لَلڪارِ؛ ث. هڪل- زوردار آواز. نعرو. حملي وقت مقابل کي سڏڻ جو آواز.

للڪارَڻُ؛ مر. نعرو هڻڻ. زور سان آواز ڪرڻ. هڪل ڪرڻ. مقابل کي هڪل سان سڏڻ.

للنگهہ؛ ص. سورهيہ. پيارو. لائق- نوجوان. سهڻو.اُتو سامائو.

للو؛ ذ. ٻار- طفل. ٻِٽ. لاڏلو- پيارو. بي سمجهہ "هنج" پکي هڪ قسم (آبي پکي). ٻار جو مخصوص عضوو.

للو پَتو؛ ذ. مٺاچرو ڪم. ناز برداري. ترڪ ٽال. اٽڪل بازي- حرفت- چالاڪ.

لَلوُ پَنجُو: ص. خسيس ۽ واهيات (ماڻهو)- جهڙو تهڙو.

لَلِي: ث. ننڍي ٻار جو خاص عضوو.

لِلِي چِپِي: ث. خوشامد- چاپلوسي.

لِلي چِپِي ڪرڻ: خوشامد ڪرڻ. اجائي پاسخاطري ڪرڻ.

لَليجو: ذ. ڪيسا ڪپيندڙ- ڳنڍي ڇوڙ. دلبو ڏيئي ڦريندڙ.

لِمَ: ث. سِنگهہ- نڪ جي غلاظت.

لِمُ: ث. هڪ مشهور وڻ- نِمُ.

لَمائِڻُ: م. لنوائڻ- نٽائڻ. ڪسڪائڻ- لڪائي ڪٿي وجهڻ- چوري ڪرڻ.

لَمِتي: ث. گشو- ڏنو. جَهڙپ- جَهپُ.

لِمِتِي هڻڻ: جهڙپ هڻي ڪسي وجهڻ. ڏنو ڏيڻ. لامارو ڏيڻ.

لَمر لَپُ: ذ. اٽڪل بازي- ترڪتال- اڏورو ڪم.

لَمَحو: ذ (ع. لمحہ) پل- گهڙي- ڪِن- اک ڇنڀ.

لَمسُ: ذ (ع) ڇُهاءُ. ڇُهڻ جي قوت.

لَمڪو: ذ. لوڏو. ناز سان هلڻ جو هڪ انداز.

لَمڪو ڏيڻ: لوڏي سان هلڻ. گهُمري ڏيڻ.

لِمَلِيتَ: ث (انگ) لِيمَن جو شربت.

لَمَڻُ: م. جُهڪڻ- نمڻ. لَڏڻ- لٽڪڻ. لامارو ڏيڻ.

لَمو: ص. ميناهون- جُهڪيل (پَٽُ. علائو)- لڙيل. مَڏو- ڪُند (اوزار). لانئون- گهٽ.

لَنُ: ذ. مردانو مخصوص عضوو.

لَنبُ: ذ. گاهہ جو هڪ قسم (جنهن جو ٻج ڏُٽ طور ڪم اچي).

لِنبَ: ث. گاري جو ليپو- راڳو.

لَنبُ: ص. ڇڙو- اڪيلو. جنهن کي ٻار ٻچو نہ هجي. رولاڪ. نڌڻڪو.

لِنبائِڻُ: م. راڳائڻ- ليپو ڏيارڻ.

لَنبائِي: ث. ڊيگهہ- طول.

لنبائي چوڙائي: ث. ڊيگهہ ويڪر.

لِنبجَڻُ: م. راڳجڻ- ليپو اچڻ. پرجڻ (گپ گاري ۾).

لِنبَڻُ: م. راڳڻ- راڳو ڏيڻ. ليپو ڏيڻ.

لَنبو: ص. ڊگهو. ڊگهي قد وارو. دراز- طويل.

لنبو چوڙو: ص. ڀرپور ۽ ويڪرو. پکڙيل طول طويل.

لَنبُو: ص. ڊگهو. اجايو ڊگهو. ڄانگهڙيل. بيوقوف.

لَنبَ: ث. ڇڙٻَ. ڄٽ ڦِٽ.

لَنبَڻُ: م. ڄٽ ڦِٽ ڪرڻ. بدشد ڳالهائڻ. وري وري ڄُٽ ڦٽ ڪرڻ.

لِندُ: ذ. پاخانو- ٽورو. راند ۾ هارَ. هارايل راند جي ٽِڪي.

لِندُ ڏيڻ: راند ۾ شڪست ڏيڻ.

لَندُ ڪڍڻ: سخت سيڪت ڏيڻ. ڦاڍي مار ڪڍڻ.

لَندُ: ذ. بلوچ قوم جي هڪ ذات. ٻلا جو هڪ قسم.

لَندو: ص. ڇڙو. ڇانڊ. بنا گهر ٻار جي. اڻ پرڻيل. اوباش.

لَندو: ص. بنا پُڇَ جي- پُڇ وڍيل (جانور)- ٻانڊو. پڇ ڪان سواءِ (وڻ). ننڍو- ڇوٽو (وڳو، لباس). عيبدار- ناقص. اڻپورو.

لَندُورو: ص. لَندو. اڪيلو. بيڪس.

لَندِي: ث. بيوه- رنڙ. اوباش (عورت). ڇَڙي ڇانڊ. بدڪار (عورت). رنڊي- ڪسٻياڻي.

لَندِي ٻُچِي: ص. عام خاص- جيڪا نيڪا- هر عورت.

لَندِي: ص. بنا پُڇ جي (ث) هڪ قسم جي زهريلي ٻلا.

لَندِي خوشامد: ث. اجائي تعريف. چاپلوسي. مٺاڄڙي آتارياءُ.

لَندِي ڪاڏل: ص. ڇرڪيل. اندر ڪوڙو- منافق. حاسد.

لَنڪا: ذ. ڀارت جي ڏکڻ ۾ هڪ مشهور وڏو ٻيٽ ۽ ملڪ- سلون- سرانديب.

لَنگُ: ذ (ف) مَندُ (هڪ ٽنگ يا هڪ پير ڪان

معذور). منڍڪائڻ جو عيب. (ص) مَنڊو- هڪ پير منڍڪائي هلندڙ.

لنگُ: ذ (ف) لانگوٽو. چُتڙن تي ٻڌڻ جو ننڍو ڪپڙو- چوتو. گوڏن تائين گوڏ.

لنگ ڪڍڻ: لانگوٽو ٻڌڻ. فقط اوگهڙ ڍڪڻ.

لنگرُ: ذ (ف) پاڻيءَ جي جهاز، غوراب يا ٻيڙيءَ کي بيهارڻ جو لوهي ڪُنڍو- ناتاري. ڪنهن آستاني تي عام خيرات لاءِ رڌل کاڌو. فقراء جو کاڌو. اها جاءِ جتي لنگر ورهائجي. خيرات جي ماني.

لنگرخانو: ذ. فقيرن ۾ ماني ورهائجڻ وارو هنڌ. محتاج خانو.

لنگر هڻڻ: ناتاري هٽي جهاز يا ٻيڙي کي بيهارڻ. هڪ هنڌ ٽڪاءُ ڪرڻ.

لنگڙو: ص. مَنڊو. هڪ ٽنگ کان جڏو.

لنگوٽاڙو: ص. لانگوٽيو- بي شرم- بدچال- نفس پرست. (ث. لنگوٽاڙي).

لنگوٽُ: ذ. لنگ- لانگوٽو- چوتو. ننڍي گوڏ. اڳيان پويان اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ لنگ.

لنگوٽي: ث. لنگ- لنگوٽي. چيلهه ۾ ٻڌل ڪپڙي جي پٽي (اڳيان پويان اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ).

لنگورُ: ذ. هڪ قسم جو جانور- پولڙو. ڪاري مُنهن وارو. باندر.

لنگي: ث. پَٽ يا ريشم جو ڪپڙو (جيڪو عام طرح پٽڪي ٻڌڻ ۾ ڪم اچي). لونگي.

لنگهُ: ذ. لنگهڻ جو رستو- لانگهو. واٽ- گس. لوگهو. عام رستو.

لنگهه لنگهڻ: ڏکيءَ واٽ مان پار پوڻ. مصيبت مان پار پوڻ.

لنگهائڻُ: م. اُڪارڻ- پار ڪرڻ. وجهڻ- گهيڙائڻ. داخل ڪرڻ.

لنگهڻُ: ذ. بک- فاقو. روزو.

لنگهڻ ڪڍڻ: فاقا ڪڍڻ- بکون ڪاٽڻ.

لنگهڻُ: م. ٽپان وڃڻ- اُڪرڻ. لنگهي وڃڻ. پار ڪرڻ. عبور ڪرڻ. گذري وڃڻ (وقت).

لنگهو: ذ. مڱڻهار. دهلاري. دهل وڄائي گهور وٺندڙ.

لِنوَ: ث. لِيسدار مادو. ليس- چيڙهه. لِڳ لِڳ دار مادو. لغار.

لنوائِڻُ: م. نٽائڻ- گوٽنات ڪرڻ. نظرانداز ڪرڻ. ڌيان نہ ڏيڻ.

لنوائي وڃڻ: نٽائي وڃڻ. گسائي وڃڻ. ڪَن لاٽار ڪرڻ. کِسڪي وڃڻ.

لنوَڻُ: م. لامارا ڏيڻ (پکي). لات ڪرڻ- ٻولڻ (پکي).

لَڻُ: م. ڪاٽڻ (فصل). وڍڻ (سنگ). ڪپڻ (پوک)- لابارو ڪرڻ.

لِوَ: ث. چيڙهه وارو لِڳلِڳ دار مادو- ليس- چيڙهه- لِنوَ. مڇيءَ جي کِکَ وارو چيڙهه.

لُو، لُوءِ: ث. اونهاري جي گرم هوا- لوهَ- لُڪَ. جهولو.

لواحِقَ: ذ (ع. 'لاحق' جو جمع) مٽ مائٽ- رشتيدار. نوڪر چاڪر.

لواحِقيه: ذ. گهر جا ڀاتي- ٻار ٻچا. عيال.

لوازِمُ: ذ (ع. "لازم" جو جمع) ضروري شيون. سامان- اسباب.

لوازِمات: ذ (ع) ضروري شيون- سامان سڙو.

لوازِمو: ذ (ع) محنت جو اجورو- محنتانو. پگهار.

لِواطَت: ث (ع) اغلام بازي.

لِوالو: ذ. جهنڊو- عَلم.

لُوبُ: ذ. فصل جي وَڍ- لابارو.

لوبانُ: ذ. (ع) هڪ قسم جي وڻ جو خوشبودار

ڪٿونر (جيڪو باھ ۾ وجهڻ سان خوشبودار دونهون ڪري).

لوڀُ: ذ (سن) طمع- لالچ- حرص. هٻج.

لوڀي: ص. لالچي- حريص.

لوٿَ (ث)، لوٿُ: ذ. لاش- مڙه. سسيءَ کان سواءِ ڌڙ.

لوٿڙو: ذ. گوشت جو دِڳُ. گوشت جو وڏو ٽُڪر. مُثل جسم.

لوٽو: ذ. ڌاتوءَ مان ٺهيل هڪ قسم جو ٿانءُ. نِڪرَ جو ڪنگر.

لوٽي لُوڻ ٿيڻ: لوٽي ۾ پيل لوڻ وانگر ڳري وڃڻ. ناس ٿيڻ- ختم ٿيڻ.

لوٺُو: ص. لُٽ ڪندڙ- ڦُريندڙ- ڦورو.

لوڻيو: ص. ڇڙوڇاند. رولُو. جنهن جو گهرگهاٽ نہ هجي. ڪنگال.

لوث: ذ (ع) ملاوت. داغ. عيب. گندگي.

لُوڄِري: ث. ڪاري جي ميهيءَ جو هڪ قسم.

لوچَ: ث. ڳولا- ووڙ. نِهارَ. جاکوڙ. سُونجهہَ. ڳڻتي- ويچار. بيقراري.

لوچڻُ: م. ڏسڻ- نهارڻ- جاچڻ. ڳولڻ- ووڙڻ. سوچ ويچار ڪرڻ.

لوڇَ: ث. ڦٿڪو- بيقراري- آنڌ مانڌ. ايذاءَ کان ڦٿڪو.

لوڇَ پوڇَ: ث. بيقراري- آنڌ مانڌ. ڦٿڪو.

لوحَ: ث (ع) ڦرهي- پَٽي- تختي. ڪتاب جو پهريون صفحو (جنهن تي ڪتاب جو نالو ۽ لکندڙ جو نالو هجي). قبر جي سيراندي کان نالي واري تختي. لِکيو- ڀاڳ- نصيب.

لوح قلمُ: ذ. پَٽي ۽ قلم. لوح محفوظ. قسمت جو لکيو. انگ ازلي.

لوح مَحفوظُ: ذ. مسلمانن جي عقيدي موجب اها تختي جنهن تي انسان جي قسمت لکيل آهي. اهو ليکو اڻ ٽر آهي.

لوڏِ: ث. ڪتن جو وَلر.

لوڏڻُ: م. هڪالي ڪيڏڻ- ڌڪا ڏيئي ڪيڏڻ. ڀڄائي ڪيڏڻ. هڪالڻ.

لوڏِي: ص. ڪُتن جي لوڏ کي سنڀاليندڙ. شڪاري.

لوڏِي: ذ. پٺاڻن جي هڪ قوم.

لوڏ: ث. پينگهہ (ڪنهن وڻ ۾ ٻڌل). ٻار کي لوڏي سمهارڻ لاءِ ڪپڙي جي جهولي. هلڻ جو هڪ نمونو. ناز سان هلڻي.

لوڏڻُ: م. لوڏا ڏيڻ. ڌوڻڻ. پينگهہ يا پينگهي کي لوڏڻ.

لوڏو: ذ. جهُولو- ڌوڏو. ڌُوڻ. جهُوٽو. ڇيهو (صحت يا مال جو).

لوڏا کائڻ: جهوٽا کائڻ. ترڻ ٽاٻڙڻ. نقصان هيٺ اچڻ.

لوڊُ: ذ (انگ) بارُ- وزن- بوجھُ.

لورا: ذ. هڪ قوم جو نالو.

لورِ لورِ: ث. ڪُتي جي تُوس نُوس واري عادت. اجايو رُلڻ.

لور لور ڪرڻ: تُوس نوس ڪرڻ. لالچ جي ڪري پٺيان لڳڻ.

لورو: ذ. عام طرح ڳائڻ وڄائڻ جو ڏنڊو ڪندڙ. لنگهو- منگتو.

لورِي: ث. ڳڻتي- جهوري. محبت جي تانگهہ- سِڪَ.

لوري لڳڻ: ڳڻتي ٿيڻ- آنڌ مانڌ ٿيڻ. ڪنهن ڪم لاءِ آرام ڦٽڻ.

لورِي: ذ. تير- ٻاڻ- ڪانُ.

لوڙ: ث. ضرورت- گهرج- طلب.

لوڙائُو: ذ. هڪ قسم جو سنڌي راڳ.

لوڙهُ: م. ڀوڳڻ (نتيجو)- ڪِيتو ڏيڻ. ڪئي جي سزا ڀوڳڻ. عمل جو نتيجو آڏو اچڻ.

لوڙو: ذ. ويڙهه- اُٿل پٿل.

لَوڙو: ذ. مردانو مخصوص عضوو.

لوڙهَ: ٿ. ڪَڙين واري لَٺ. ڪَڙيون يا پَٽ چڙهيل لٺ. چوپائي مال جي ڦُرَ- جهنگ ۾ چرندڙ مال کي زوري ڪاهڻ.

لوڙهيون هڻڻ: چوپائي مال جي ڦُر ڪرڻ.

لوڙهِ: ٿ. قبر- ٻُني.

لوڙهَ لَٽڻ: قبر پورڻ- دفن ڪرڻ.

لوڙُهه: ٻيڻ، جي ول جي پاڙ وارو گول ٻج. "ڪُونئي" جي پاڙ واري گول ڳنڍ.

لوڙهو: ذ. ڍنگهرن جي پناهه (گهر يا ٻنيءَ ڪي).

لوڙهو ڏيڻ: ڍنگهرن جي جهل ڪرڻ.

لُوسَ: ٿ. لوساٽ- سيڪ. ڪامَ- سَاڙو.

لُوساٽَ: ٿ. باهه جي جَرَ- سيڪ. گرم هوا. لُڪَ- لوهَ.

لُوساٽجڻ: م. اُس يا تتِ ۾ سڙي سُڪي وڃڻ.

لُوسائڻُ: م. ساڙڻ (اُس يا تتِ ۾).

لُوسِڙ (ٿ)، لُوسَڻُ: ذ. هڪ قسم جو گاهه (گهوڙا کائين).

لُوسِي: ص. نُوس نوس ڪندڙ. گهر گهر ۾ جهوتون هڻندڙ.

لُوطُ: ذ (ع) هڪ پيغمبر جو نالو (حضرت ابراهيم عليه السلام جو ڀائٽيو، جيڪو پوءِ ڪنعان ۾ وڃي آباد ٿيو).

لُوطِي: ص. هم جنس پرست.

لوفَرُ: ص (انگ) رولُو- آواره. لوئيو. لفنگو.

لوڪُ: ذ (سن) دنيا- عالم- جهان. عام ماڻهو- عوام. هندو ڏند ڪٿائن موجب ٽي لوڪ (سورگ لوڪ= آسمان، مرتيه لوڪ= زمين ۽ پاتال لوڪ= زمين ڪان هيٺ).

لوڪَ لڄا: ٿ. ماڻهن جي خواري کان شرم. ماڻهن جي چوڻيچو جي شرم کان. خواري- بدنامي.

لُوڪَڙُ: ذ. هڪ قسم جو جهنگلي جانور- لومڙُ.

لوڪَلُ: ص (انگ) مقامي- مڪاني.

لوڪل بورڊُ: ذ. ضلعي جي صحت صفائي وغيره لاءِ ڪاتو.

لوگهو: ذ. سوراخ- ڳَڙڪ (پيٽ ۾). لنگهه.

لولڙاٽُ: ذ. منٿ. آزي نيزاري. ليلڙاٽ.

لولو: ذ. ماني. ننڍي ماني.

لُولُو: ذ (ع) موتي.

لُولهو: ص. هٿن کان محتاج- هڪ هٿ کان معذور. (ٿ. لولهي).

لولي: ٿ. اهو گيت جيڪو زالون ٻار کي سمهارڻ لاءِ آهستي آواز ۾ سُر سان جهونگارين.

لولي ڏيڻ: ٻار کي سمهارڻ لاءِ خاص ٻول چوڻ. سيکت ڏيڻ.

لومڙُ: ذ. هڪ قسم جو جهنگلي جانور- لوڪَڙ. (ٿ. لومڙي).

لَوَنُ: ذ (ع) رنگ. قسم.

لُون: ٿ. چٽنگ- اُلو. خيال- ڌيان. جسم جا سنهان وارَ.

لُون لُون ڪانڊارجڻ: جسم جا وار اُڀا ٿيڻ. جسم ۾ سيسڙاٽ اُيرڻ.

لُونبَ: ٿ. چينبي- چُٽ ڦٽ.

لُونبَڻُ: م. چينبڻ- چٽ ڦٽ ڪرڻ.

لَونڊُ: ذ. گهوڙي جي سنجن جو هڪ پٽو يا رَسو. سنبت سن جو اهو مهينو جيڪو هر ٽئين سال وڌايو وڃي- ادڪ.

لُونڊڙي: ٿ. ڪَن ۽ اڪ جي وچ وارو عضوو- لٽوٽو.

لڱندڪَ، ث. ڳالهہ جي وچ ۾ رنڊڪَ. گهوڙي جي ڏکي هلڻي جو هڪ نمونو.

لڱندڪ هلڻ، گهوڙي جو ڏکيو تي هلڻ. ان وٽندڙ ڳالهہ ڪرڻ- ٻيڪ ڏيڻ. اڏنگو ڳالهائڻ.

لونڊو، لڱنڊو، ص. بدفعلي ڪرائيندڙ ڇوڪرو.

لونڊيبازُ، ص. اغلام بازي ڪندڙ- ڇوڪري باز.

لونڊيبازي، ث. اغلام بازي.

لونڊِي، ث. بدپيشہ عورت- رنڊي.

لونگُ. لڱنگُ، ذ. هڪ قسم جو خوشبودار وڻ ۽ اُن جو گونچ. نڪ يا ڪن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهہ- ڪوڪو.

لڱنگي مِرچَ، ذ. ڳاڙهن مرچن جو هڪ قسم (تنڊا مرچ).

لونگِي، ث. هڪ قسم جو ريشمي پٽا پٽي ڪپڙو (عام طرح پٽڪي بڌڻ لاءِ).

لُونگي پهرائڻ، تحفي طور لونگي بڌائڻ. ڪنهن ڪارنامي جي عيوض تحفو ڏيڻ.

لونڙو، لڱنڙو، ذ. اک ۽ ڪن جي وچ وارو عضوو- لونڊڙي.

لونڙا هڻڻ، مِيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ.

لوَڻُ، م. لنوڻ- ٻولڻ- لات ڪرڻ.

لوَڻُ، ذ. گرم شين جي ٽاڪور. تڏ ۾ ورتل ماڻهوءَ جي جسم کي لوٽڻ.

لوڻُ، ذ. نمڪ.

لوڻ ٻُرڪڻ، ساڙڻ- حسد ڏيارڻ. طعنا ڏيڻ.

لوڻ پاڻي، لوڻا پاڻي، ذ. هلڪو ڳنڍڻ- جهڙو تهڙو ڪاتو. سادو ڪاتو.

لوڻ ڪانِ، ث. لوڻ نڪرڻ جي جاءِ- نُونار.

لوڻ مرچ، ذ. مصالحو- ويگر- وکر.

لوڻڪَ، ث. هڪ قسمن جو گاهہ. اوڙ جيڪو ڀاڄيءَ طور ڪم اچي.

لوڻُ، م. لوڻ ڏيڻ (مڇي پلي کي). لوڻ ٻُرڪڻ.

لوڻ هڻڻ.

لُوڻياٺِ، ث. لوڻ واري زمين. لوڻ جو پاڻي.

لوهہُ، ذ (سن) هڪ قسم جو مشهور ڌاتو- جديد- آهن.. لوهہ مان ٺهيل زنجير وغيره. (ص) ڦابو. سخت. مضبوط.

لوهارُ، ص. لوهہ جو ڪم ڪندڙ. آهنگر- حداد.

لوهہ ٿيڻ، ڏاڍو ٿيڻ. مضبوط ٿيڻ. ڦابو ٿيڻ.

لوهرُ، ص. لوهارُ- لهارُ.

لوهہ مَروڙُ، ص. لوهہ کي موڙيندڙ. سورهيہ- پهلوان.

لوهہ هڻڻ، ڏاڍو هڻڻ- مضبوط هڻڻ.

لُوهہَ، ث. اونهاري جي ساڙيندڙ گرم هوا- لُڪَ. اوچتو حملو- رُومڙ. اُلر.

لوهُو، ذ. رت- خُون- لَهُو.

لوهِي، ص. لوهہ- لوهہ وارو. لوهہ مان ٺهيل- آهني.

لوهيڙو، ذ. هڪ قسم جو وڻ (عمرما جبل ۽ ٿر ۾ ٿئي)- روهيڙو.

لوو، ث. بستي- واهڻ- ڳوٺ. رهائش جو هنڌ.

لُوءِ، ث. لڪ. جهولو.

لوٺرُ، ص. مشهور جهنگلي جانور- سُوئر.

لوڙِهُ، م. ٻنهي هٿن سان گڏائڻ- ملائڻ. ڳوهڻ (اٽو وغيره). گلا ڪرڻ. مهڻا ڏيڻ. خواري ڪرڻ. گهٽ وڌ ڳالهائڻ.

لوڙهُ ڪرڻ، تڏ يا بيماريءَ ۾ سڄي جسم تي ڪو وکر مهٽڻ.

لوڻِي، ث. اوني چادر. اوڇڻ- اوڍڻي. عزت جو اوڇڻ.

لوئي لهڻ، عزت لهڻ- لڄ لٿڄڻ.

لهہُ، ذ. لاهہ- لاهي- هيٺاهين- نشيب. لاڙو- رجحان. حيلو. ڏسُ.

لهہُ پيچ، ذ. هيٺ مٿاهين. ور وڪڙ. حيلو وسيلو.

لاڙو- رغبت. لاڳاپو- قرب.

لهه چڙهه؛ ث. هيٺ مٿاهين.

لهه وچڙ؛ ث. پريت جو پيچ. دوستيءَ جو رستو. حجت وارو رستو. هيٺ مٿاهين. ڏيتي ليتي.

لهہ رکڻ؛ دوستي رکڻ- دوستي وارو ناتو رکڻ.

لِهہ ليهہ؛ ذ. تڙ. ليپو. رليءَ جو هيٺيون پڙ. رليءَ ۾ اندر وڌل پراڻ.

لهر؛ ذ. لوهہ.

لهار؛ ذ. لوهار- آهنگر.

لهجو؛ ذ (ع) ڳالهائڻ جو خاص ڍنگ. لفظن جي ادائگي. محاورو. بولي- زبان.

لهذا؛ ظ (ع) تهنڪري- اُن لاءِ.

لُهاڻا؛ ذ. سنڌ ۾ رهندڙ هڪ آڳاٽي قوم.

لهپ؛ ث. اُجل. ادائگي- ڏيکي. تاس راند ۾ پتو لهڻ.

لهر؛ ث. چولي- موج. جُهٽڪو (هوا جو). خيال جو وهڪرو. بيخودي. اُمنگ- جذبو. زنجير (پرت ۾). ريچڪ- ترنگ.

لهردار؛ ص. لهرين وارو. پٽاپٽي (ڪپڙو. پرت).

لهر بهر؛ ث. اچ وڃ. خوشحالي. گهڻائي (ماڻهن جي).

لهرو؛ ذ. ساز جو هڪ ساريڪو واڄو. جذبي جو غلبو.

لهس؛ ث. ٻاهہ جي جَر- جهپي. لُونءِ. سيڪ.

لهس اچڻ؛ سيڪ اچڻ- تملق جو کهڪاءُ اچڻ.

لهسجڻ؛ م. جراٽجڻ. سيڪ اچڻ.

لهسڻ؛ م. ٻاهہ جي سيڪ ۾ ڪاراٽجڻ. جراٽجڻ.

لهندو؛ ذ. اُلهندو (طرف). لاهہ- نشيب.

لهندي؛ ث. لاهي- جُهڪاءُ. لاٽ.

لهڻ؛ م. مٿي کان هيٺ اچڻ. ڪرڻ. نازل ٿيڻ. هيٺ ٿيڻ. گهٽجڻ- گهٽ ٿيڻ (اگهہ). ايرو ٿيڻ (بدن). وسرڻ (ذهن تان). نڪرڻ (خيال). غروب. ٿيڻ (سج. چنڊ. تارا). پرڻ- اُلهڻ. لاٻارو پوڻ (فصل ۾). سُڪڻ (پاڻي)- لاٽ ٿيڻ. ليڻ- ملڻ- حاصل ٿيڻ. ٽڪڻ- ترسڻ (مهمان خاني ۾). هيٺ چڙهڻ (پتو). چڙهڻ (بيماري). چُڪتو ٿيڻ (ليکو).

لهڻو؛ م. قرض جي رقم جي طلب هجڻ- اوڌر هجڻ. قرض هئڻ- لهڻو هئڻ.

لهڻو؛ ذ. اوڌر- قرض.

لهڻو ليکو؛ ذ. ڏيتي ليتي- حساب ڪتاب (اوڌر جو).

لهڻيدار؛ ص. جنهن جو قرض هجي. ڏيتي ليتي جو وهنوار رکندڙ.

لهو؛ ذ (ع) راند. راند روند. تماشو. اجايو ڪم.

لهو و لعب؛ ذ. راند روند. کيل تماشو. تفريح وارو ڪم.

لُهو؛ ذ. رَتُ- خون. هڪ قسم جو جابلو وڻ- لوهيڙو.

لِهو؛ ذ. تعلق- ڳانڍاپو. ياري- دوستي. عشق. حيلو وسيلو. مُنهن لڳ- ڏيٺ. لحاظ- مروت.

لهوارو؛ ذ. وهڪري جو لاهہ وارو پاسو. (ضد= اوڀارو).

لئہ. لئي؛ ظ. لاءِ- واسطي- ڪارڻ.

لئہ. لئي؛ ث (سن) مزو- لذت. فرحت. موج- مستي. شوق. ترنگ. راڳ ۾ سُر ۽ سازن جو جوڙ- سُرتار. سُر.

لئي ڪرڻ؛ شوق ڪرڻ. مزو وٺڻ.

لئيمپ؛ ذ (انگ) شيشي جي چمني واري بتي.

لئو؛ ذ. هڪ قسم جو وڻ.

لئون. لؤن؛ ث. ڌيان- خيال. عشق- محبت.

لئون لڳائڻ؛ محبت ڪرڻ- عشق ڪرڻ. محو ٿيڻ.

لئو؛ ذ. ٻاهہ ٻارڻ لاءِ ڪکن جي مُٺ. اُلو- چٽڪ.

لَئا لائڻ؛ جهيڙو مچائڻ.

لئہ، ص (سن) دنيا جو خاتمو. عدم وجود. آخرت.
لئہ مِٽي ڪرڻ، ناس ڪرڻ. گم ڪرڻ. نالو نشان مِٽائڻ.
لِيارَ، ث. هڪ قسم جو وڻ ۽ ان جو ڦر.
لَيارِي، ث. بگهڙن واري ايراضي.
لِياقَتَ، ث (ع) قابليت- استعداد. لائقي. گڻ. خوبي. تميز. هوشياري.
لِياڪو، ذ. جهاتي- لِيئو. هڪ نظر ڏسڻ. متاڃرو ڏيک. پنهنجائي- عزازت- مانٽي. تنگ- سگَ.
لِيبِي، ص. فريبي- دغاباز. ٺگ.
لَيت وَلعل، ذ (ع) بهاني بازي- نٽ نٽاءُ.
لِيٽڻُ، م. پَٽ تي ليٽڙيون پائڻ- زمين تي سُمهي اُٿلڻ پٿلڻ. مٽي يا گپ گاري ۾ پرچڻ.
ليٽِڙِي، ث. بازولي. پٽ تي اُٿل پٿل.
ليٽڙيون پائڻ، پٽ تي سمهي گولائي ۾ ڦرڻ ۽ اُٿلڻ پٿلڻ.
ليٽَ، ث. پاڻيءَ جي اُٿل- ٻوڏ- سيلاب. درياءَ جي هڪ پاسي وَهُڪ جو لاڙو. لاڙو- رغبت- جُهڪاءُ. لاهُ. لهندي- لاٽ. لهندي واري زمين. ريٽُ- واري.
ليٽَ پيٽَ، ث. اٿل پٿل. ويڙهه سيڙهه- مُنجهيل (سُٽ).
ليٽ ڪبُوتر، ث. هڪ قسم جي پارالي راند.
ليٽ ڪرڻ، دير ڪرڻ- چِرڪ ڪرڻ. گيسر ڪرڻ.
ليٽائڻ، م. سُمهارڻ. ڪيرائڻ- ڀاهڻ. اُٿلائڻ.
ليٽَرُ، ذ (انگ) خط- چِٺي.
ليٽر باڪس، ذ. خطن وجهڻ لاءِ ٽپال جو دٻو.
ليٽُو، ث. لهندي- لاهي- نشيب. زمين مان پتر پيچڻ ۽ تر سنوت ۾ آڻڻ لاءِ ٺُلهي ڪاٺي- سينوَر.
ليٽڻُ، م. سڌو پوڻ- ڊگهو ٿيڻ- دراز ٿيڻ. سمهڻ. اونڌو پوڻ. ڪِرڻ- ڊهڻ. ليٽي پوڻ. ليٽڙيون پائڻ. گِسڙڻ.
ليٽهڙو، ذ. مٽيءَ ۾ ليٽڙي پائڻ (گڏهه. گهوڙو). ٿوري دير سمهڻ.

ليٽِي، ث. اٽي مان ٺهيل مِٺي رٻ يا شِيرو.
ليپُ، ذ. پلستر. پِني- ضماد.
ليپَڻُ، م. راڳو ڏيڻ- ليپو ڏيڻ. ٿَڦڻ.
ليپو، ذ. راڳو- پلستر. لِنبَ.
ليپو ڏيڻ، راڳو ڪرڻ. ڀت کي گارو هڻڻ.
ليڏُولو، ذ. گهوڙي، اُٺ يا گڏهه جي لِڏ جو هڪ پولڙو.
لِيڊَرُ، ذ (انگ) اڳواڻ- پيشوا- رهنما.
ليڊِي، ث (انگ) معزز عورت- بيگم- خاتون.
لِيرَ، ث. ڪپڙي جي پٽي يا ٽُڪري- ريڙَ.
ليرُون ليرون، ث. ريڙون ريڙون.
لِيڙَ، ث. ڪپڙي جي پَٽي. اڳڙي- پراڻي ڪپڙي جي ٽُڪري- ٽِڳڙي.
لِيڙون ٿيڻ، ڦاٽي ذرا ذرا ٿيڻ.
لِيڙون لڙڪائڻ، بدن تي ڦاٽل لباس پائڻ. پراڻا ۽ ڦاٽل ڪپڙا ڍڪڻ. مسڪين ٿيڻ.
ليڙُون لِيڙُون، ث. ڦاٽل ڪپڙا- اڳڙيون ٽگڙيون.
ليڙِيي، ليڙِيو، ص. سُڃو- ڪنگال- مسڪين. لونيو. گيدي- ڪانئر.
ليڙو، ذ. اُٺ- ڪرهو. (ص) ڍِرو- ڦِلهڙو. ڪمزور- نِستو.
لِيڙو، ذ. اَن جي گُنديءَ جي سوراخ کي ڏنل ڪپڙي جو ڏٽو- ٻُنجو.
لِيڙو لهڻ، سوراخ کُلڻ. بند لهڻ. وات کُلڻ. شرم حيا لهڻ. اجهل ٿيڻ. چڙواڳ ٿيڻ. خواريءَ جهڙا ڪم ڪرڻ.
ليزِي، ص (ف. ليزم) شرمسار- لڄي- ڦِڪو. مياري. سست- نِڪمو.
ليَس، ص (ف) حاضر- تيار- هڪيو.
ليسُ، ذ. ڇيڙهه. زُڪام ۾ نڪ مان وهندڙ مادو. زڪام.

ليسدارُ: ص. چيڙهالو.

ليسُوڙو: ذ. هڪ قسم جو وڻ جو ڦلُ- گيدوڙو.

ليسُوڙي: ث. گيدُوڙي (وڻ).

لِيڪَ: ث. لِيڪو- خط- ريڪا- ڌاري. قطار. سِٽَ. ڏگهو نشان (پين، پينسل، مس، رنگ وغيره جو).

ليڪچرُ: ذ (انگ) تقرير. واعظ. سبق- درس.

ليڪچرارُ: ذ. اُستاد (ڪاليج جو)- پروفيسر.

ليڪِن: ظ (ف) پر- مگر.

لِيڪَڻُ: م. ليڪو ڪڍڻ. ليڪا پائڻ. نشان ڪڍڻ.

لِيڪو: ذ. لِيڪَ- خط- ريڪا. نانگ جي هلڻ جو گِسانو. نشان- سنڌو.

لِيڪو ڪٽڻ: وقت هٿان نڪري وڃڻ تي افسوس ڪرڻ. ليڪي تي هلڻ- پوئواري ڪرڻ.

ليڪو ڪڍڻ: حدبندي ڪرڻ. قطع تعلقات ڪرڻ. دنگ ڪڍڻ.

لِيڪو لنگهڻ: حد ٽپڻ. چڙواڳ ٿيڻ. انتها ڪرڻ.

ليکُ: ذ. تحرير- لِکيت. مضمون. قسمت- ڀاڳ. نصيب جو لکيو.

ليکڪُ: ص. ليک لکندڙ- مضمون نويس.

لِيکَ: ث. جُوءِ جو هڪ قسم (ننڍي ۽ اڇي جُوءِ).

ليکڻ: ث. لکڻ جي اسٽيلَ- قلم.

ليکڻُ: م. ليکي ۾ آڻڻ- شمار ۾ آڻڻ- حساب ۾ آڻڻ. ڳڻپ ۾ آڻڻ. خيال ۾ آڻڻ. پرواهه ڪرڻ.

ليکو: ذ. حساب- شمار- ڳڻپ. ڏيتي ليتي- وهنوار. حساب ڪتاب.

ليکو برابر ڪرڻ: حساب وهنوار ڪرڻ- بي باق ڪرڻ.

ليکو چوکو: ذ. حساب ڪتاب- ڏيتي ليتي- وهنوار.

ليکو چڪائڻ: حساب ڪتاب صاف ڪرڻ. وهنوار ڪرڻ. حساب چُڪتو ڪرڻ.

ليکو ڪرڻ: حساب ڪرڻ. ڏيتي ليتي جانچڻ.

ليکو لاهڻ: حساب صاف ڪرڻ. معاملو ختم ڪرڻ.

لِيگَ: ث (انگ) ماڻهن يا قومن جي اتحاد جي جماعت- ڀائيچارو.

لَيلَ: ث (ع) رات- شب.

لَيلة القدر: ث. شب قدر (رمضان مهيني جي ٢٧ تاريخ جنهن ۾ قرآن شريف نازل ٿيو).

لَيل و نَهار: ظ. رات ڏينهن- شب روز.

لَيلِي: ص (ع) رات جو. (ث) مجنون جي معشوق. معشوق- سهڻي عورت. رات- شب.

لِيلا: ث (سن) کيل- تماشو- ناٽڪ. عيش. قدرت جو تماشو. حُسن.

لِيلان: ث. عورت جو نالو. مشهور سنڌي قصي "ليلان- چنيسر" جو هڪ ڪردار.

لِيلائڻُ: م. آزي نيزاري ڪرڻ- منٿ ڪرڻ. عاجزي ڪرڻ. ليلڙائڻ.

لِيلاڻ: ث. منٿون آزيون- عاجزيون. ٻاڏائون ڪُوڪون.

ليلڙائي: ث. منٿ- عاجزي

ليلڙائيون ڪرڻ: روئي عاجزيون ڪرڻ.

ليلڙائڻُ: م. سخت خواهش ڪرڻ. سِڪڻ. منٿون آزيون ڪرڻ.

ليلو: ذ. ڇيلو- ٻڪريءَ جو ننڍو ٻچُ. (ث. ليلي).

ليلو ٿي لڳڻ: ٻڪريءَ جي ٻچ وانگر پٺيان لڳي پوڻ.

ليلهَرُ: ص. ڍرو- سُست. ٽوٽي. موڳو. نِستو. بيڪار.

ليمپُ: ذ (انگ) گاسليٽ تي ٻرندڙ بتي.

ليمَنِ: ث (انگ) ليمي جو منو پاڻي يا شربت.

لِيمون: ذ. هڪ قسم جو وڻ ۽ ان جو ڦر (جنهن جي رس جو ذائقو کٽو ٿئي).

لِيهَ: ث (انگ) ليک- خط- قطار. صف. ريل جو پٽو. فوج يا پوليس جي چانوڻي.

لِينجهہ: ث. ٽاچيءَ جي خراب تند (جنهن ۾ ڳنڍيون هجن). (ص) سَنهِي- باريک.

لينڊو: ذ. ٽورو- لِنڊُ. سُکل گونهہ.

لينڊِي: ث. ٻار جو گونهہ.

لِينگَ. لِينگهہَ: ث. ريڙ- لِيڙَ. اگڙي. پراڻو ڪپڙي ٽُڪر.

لِينگڙِيارِي: ص. چنل ڪپڙن واري- ليڙن وارا ڪپڙا پهريل.

لِينگهو: ذ. ليکو. داغ- ڪارنهن. پاڻيءَ جي ريگاڙي. رُوڻِ.

لِينگها ڪڍڻ: ليکا وجهڻ. ليکا وجهي خراب ڪرڻ.

لينگهو لائڻ: ڪارنهن جو ٽڪو لائڻ- خوار خراب ڪرڻ. بدنام ڪرڻ.

لِيٺو. لِيٺُو: ذ. جهاتي- لياڪو. ٿوري ڏيکاٽي.

لِيا پائڻ: جهاتيون پائڻ. واجهائڻ.

ليو. ليهہِ: ث. ديگڙي وغيره جي تر کي چاڙهيل مٽيءَ جو ليپو.

ليوَلِ: ث (انگ) سڌائي- سنوت. سڌائي معلوم ڪرڻ لاءِ رازڪي ڪم جو هڪ اوزار.

لِيهہَ: ث. لڄ- شرم. حياء. محابو- لحاظ. کهڪاءُ- قياس.

ليٿي: ث. گهاٽو رڌل اٽو (جنهن جو چيزُهہ پَٽن چنبڙائڻ ۾ ڪم اچي).

م

م: ذ (اُچار "ميم") سنڌي "الف- بي" جو چاٺيتاليهون اکر. عربي جو چوويهون ۽ فارسي جو اٺاويهون اکر. ابجد موجب عدد (۴۰). ضمير متصل طور لفظ جي پڇاڙي ۾ ڪم اچي (جيئن سندم، ڪيم وغيره).

مَ: ظ. نہ- متان.

مَا: ظ (ع)ظرفي اڳياڙي طور ايندڙ لفظ (جيئن مابعد، مافيها وغيره).

مَاب: ذ (ع) ضميري اڳياڙي طور ايندڙ (جئن تہ مابدولت= اسين) موٽي اچڻ جي جاءِ. ض (ف) مقرر جاءِ. مرڪب لفظن ۾ تصديق لاءِ ڪم ايندڙ پڇاڙي (عزت ماب، رسالت ماب وغيره).

مابَعد: ظ (ع) پويان ايندڙ. پٺيان ايندڙ.

مابَقا: ص (ع) باقي- بچيل.

مابَين: ظ (ع) وچون- درمياني.

ماتِ: ث (ع) شطرنج يا بيت بازي ۾ هار- شڪست.

ماتِ ڏيڻ: شڪست ڏيڻ. ڪنهن ڪم ۾ گوءِ کڻڻ.

ماتا: ث (سن. ماترَ) ماءُ- والده. وڏي وچڙندڙ بيماري (جنهن ۾ سڄي جسم تي داڻا ٿين). سمال پاڪس (انگ).

ماتا پِتا: ذ. ماءُ پيءُ.

ماتامُ: ذ (ع. ماتم) ماتم. روڄ راڙو. پٽڪو.

ماتام مچڻ: روڄ راڙو ٿيڻ. واويلا ٿيڻ.

ماتَحت: ص (ع) هيٺ هيٺ- معاون- ملازم.

زيرحڪم- زيردست.
ماترا: ظ. رڳو. فقط. تورو ذرو. (نالي ماتر، ترماتر).
ماترا: ث (سن) ماپ- قد. ذرو.
ماترائون: زيرون زبرون. (زبر، زير، پيش).
ماترائڻ: م. پرچائڻ- ڏاڍرائڻ. پنيلائڻ- برغلائڻ.
ماتلي: ذ. بدين ضلعي جو مشهور شهر.
ماتمُ: ذ (ع) مرڻ جو غم- گريو- روڄ- زاري. سوڳ- سياپو. افسوس- ڏک. سينه زني.
ماتم پُرسي: ث. مرڻي جي عذرخواهي- پرچاڻي- غمخواري.
ماتم ڪرڻ: افسوس ڪرڻ. واويلا ڪرڻ. سيني زني ڪرڻ. ڇاتي ڪُٽڻ.
ماتمي: ص. ماتم ڪندڙ. عاشورن ۾ ماتم ڪندڙ.
ماتمي لباس: ذ. افسوس ۾ پاتل ڪارو لبارس.
ماترُ: جبل جي دامن وارو ميدان. ماتري- وادي.
ماتري: ث. ٻن جبلن جي وچ واري سنهڙي سڌي جُوءِ- سبز وادي.
ماتيلو: ذ. ضلعي سکر جو قديم شهر.
ماٽ، ماٽر: ث. جنڊ رکڻ لاءِ ٺڪرَ جي وڏي پاٽِ. وڏو ٿَس- ماٽورو. ماڪَ- گهِرَ.
ماٽو: ذ. مَٽُ. ٺڪر جو وڏو مَٽ.
ماٽورو: ذ. ننڍو مَٽ- مٽڪو. وڏو ڪنگرُ.
ماٽي: ث. مٽ جو هڪ قسم. ڏڌ ولوڙڻ جي چاڏي. ٺڪر يا ٽامي جو وڏو مَٽ (جيڪو مهاڻا پيٽ هيٺان ڏئي ترن ۽ پلا مارين).
ماٽيتو، ماٽيجو: ص. ٻيءَ ماءُ مان ڄاول- ماٽيجو- ماٽيلو. (ث. ماٽيتي، ماٽيجي).
ماٽيلو: ص. ماٽيتو- ماٽيجو (ث. ماٽيلي).
ماٺِ: ث. چُپ- خاموشي- سانت. سَناٽو- چُپ چُپات. نواڻي. صبر. عجب- حيرت. سڌائي- لساڻ (ڪاٺيءَ جي).
ماٺِ ڏيڻ: ڪاٺ کي رنڊي سان چلي لسو ڪرڻ. اوزار کي روهي تي لائي تکو ڪرڻ.
ماٺِ ڪرڻ: چپ ڪرڻ. صبر ڪرڻ.
ماٺِ لڳڻ: حيرت لڳڻ- عجب ٿيڻ. واٺرو ٿيڻ.
ماٺارُ: ث. سانت- خاموشي- ماٺ. پاڻيءَ جي هڪ ساريکي وهڪري جي ماٺائي. هوا جي گهٽتائي.
ماٺارڻُ: م. سَندرڻ- هموار ڪرڻ (زمين).
ماٺڻُ: م. اوزار کي تکو ۽ لسو ڪرڻ.
ماٺو: ص. گهٽ- جهَڪو. هلڪي وهڪري وارو (پاڻي). سُست. مَنو- ڪوٺو (ث. ماٺي).
ماٺيائي: ث. صبر- چُپ- خاموشي. نهٺائي. ڌيرج- آهستگي.
ماٺيڻو: ص. صبر وارو. ٿور ڳالهائو. خاموش طبع. آهستي (واءُ، وهڪرو). (ث. ماٺيڻي).
ماپَ: ڪ. پيمائش- ڪَچَ. وِهٽَ (ڪپڙي جي). جانچ. اندازو- تخمينو.
ماپَ ڪرڻ: ڪَڇڻ- ماپڻ. پيمائش ڪرڻ.
ماپُ: ذ. ماپڻ جو اوزار (مفاصلي، پائيٽ يا وکر جو).
ماپڻُ: م. ڪَڇڻ- پيمائش ڪرڻ. مَئڻ. پيئڻ. جانچڻ. اندازو ڪرڻ. پرکڻ. تکڻ تورڻ. سمائجڻ- ماپي وڃڻ.
ماپو: ذ. ماپڻ جو اوزار.
مَآثر: ذ (ع) آثار. چڱا ڪم. خوبيون. نشانيون. يادگار.
ماجِدُ: ص (ع) بزرگ. رتبي وارو. قابل احترام.
ماجرا: ث (ع) حالت- ڪيفيت. احوال- سرگذشت. واقعو. واردات.
ماجَرَ: ث. "مَجر" ٻوٽن ۽ وڻن جي ساواڻ ۽ ٻور. سرسبز گاهه واري ايراضي. تعلقي سجاول ۾ ڊنڊن

واري جُوءِ.

ماڃڻُ: م. مهٽي ملي صاف ڪرڻ (ڌاتوءَ کي) مانجهڻ- مانجڻ (ڌاتو).

ماڄُولو: ص. مڄٺ جو رنگ ڏنل. ڳاڙهو رنگ.(maddar)

ماڇ: ث. بدن تي ماس جي گهٽائي- ٿولهه.

ماڇڻُ: م. ماڇجي وڃڻ- ماٺجڻ- پُورو اچڻ.

ماچيسُ: ذ (انگ) بارود جي تيلين وارو باڪس.

ماچانگ: ذ. گوڙ گهمسان- ڀاڄيتال- ڌمچر.

ماڇي: ص. مڇي وڪڻندڙ- ساتي. هڪ ذات جو نالو.

ماحَضر: ذ (ع) حاضر شيءِ. موجود کاڌو.

ماحَصّل: ص (ع) حاصل ٿيل. (ذ) نتيجو- اختصار. ڦل. نفعو. پيداوار.

ماحَولُ: ذ (ع) آسپاس- چوڌاري. وايومنڊل. جيڪي وهي واپري پيو.

مأخَذ: ذ (ع) سرچشمو. اصل- بنياد.

ماخوذ: ص (ع) ورتل. ڪڍيل. پڪڙيل- جهليل.

ماد: ث (ف) مادي.

مادَر: ث (ف) ماءُ- والده- امڙ.

مادَر زاد: ص. پيدائشي- ڄائي ڄمر ڪان.

مادَرِ وطن: ذ. جنم ڀومي- ماءُ مثل پيارو وطن.

مادري زَبان: ث. ماءُ جي ٻولي- پنهنجي ٻولي.

مادو: ذ (ع. مادّه) اصل شيءِ. ڌاتُو. مخرج. مصدر. استعداد- لياقت. صلاحيت.

مادَه: ث (ف) مادي (جانورن لاءِ ڪم اچي).

مادي: ١. ص (ع) اصلي- بنيادي. طبعي. ٢. ث (ف. مادّه) جنس مؤنث. عورت. "نر" جي مخالف جنس.

مادي مُنهون: ص. زنانو. ڊڄڻو- گيدي.

ماڌالو، مانڌالو: ذ. سانوڻي ۾ ٿيندڙ هڪ قسم جو گاهه.

مارَ: ث. سَٽ ڪُٽَ. ڦيهه. مصيبت. پٽ پاراتو. سيڪت- سزا.

مارَ پوڻ: سزا ملڻ. عذاب نازل ٿيڻ. مصيبت پوڻ. پٽ پوڻ.

مارَ ڏيڻ: سيڪت ڏيڻ. سٽڻ ڪُٽڻ. ڦيهه ڪڍڻ.

مارُ: ذ (ف) نانگ- سَپُ. (ص) ماريندڙ (مرڪب لفظن ۾ ڪم ايندڙ).

مارِ آستين: ص (ف) دوست بنجي دشمني ڪندڙ. دغاباز- ويساهه گهاتڪ.

مار گزيده: ص (ف) نانگ جو ڪڪيل.

مار گيسُو: ذ. معشوق جا ڏنگيندڙ زلف.

مارا ماري: ث. مارڪُٽ. موچڙا ڪُٽَ. ويڙهه (جنهن ۾ خونريزي ٿئي).

مارَ ڪُٽَ: ث. ڌڪ ڦٽ- ڦيهه. موچڙا ڪاري. سزا- سيڪت.

مارِ ماران، مارو مار: ث. سَٽ ڪُٽ- باڪر ڪُٽو.

مارائڻ: م. قتل ڪرائڻ. مصيبت ۾ وجهڻ- ٻُوهي ۾ ڏيڻ.

مارِ تولُ: ذ. مُترڪو- وڏو مترڪو.

مارجڻُ: م. قتل ٿيڻ. مصيبت ۾ اچڻ.

مارچ: ذ (انگ) عيسوي سنہ جو ٽيو مهينو.

مارشَل: ذ (انگ) سپهه سالار. فوجي.

مارشل- لا: ث. فوجي قانون.

مارفيا: ث (انگ) آفيم جو سَتُ.

مارڪَ: ث (انگ) نشان.

مارڪو: ذ (انگ) ڪمپني وغيره جي سڃاڻپ جو خاص نشان.

مارِڪو: ذ (ع. معرڪو) مجلس. خوشيءَ جي موقعي تي زناني مجلس (جنهن ۾ ڳائڻ وڄائڻ به ٿئي). رهاڻ- ڪچهري.

مارڪيٽ: ث (انگ) واپار جي جاءِ- بازار.

مارگُ: ذ (سن) رستو- واٽ- گس.

مارَنگُ: ذ. ڄلهه ناهڻ لاءِ ٽن پٿرن مان هڪ پٿر.

مارَڻُ: م. ڪُٽڻ- سٽڻ. هڻڻ (ڌڪ). سزا ڏيڻ. قتل ڪرڻ. مغلوب ڪرڻ. (ڪشتو) ناهڻ.

مارو: ذ. قتل عام- خونريزي- رتوڇاڻ- ڪوسُ. لڙائي- جنگ (جنهن ۾ قتل عام ٿئي). مارڪُٽَ- حملو- جلهه- ڪاهه. رازيڪي ڪم جو هڪ اوزار (راڄي کي هڪ ساريکو ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جي پٽي).

مارُو: ص. جهانگي. غريبي گذران وارو. مارئي جي ملڪ جو- ڏوٿي.

ماروٽُ: ص. مامي جو پُٽ (ث. ماروٽِ).

مارُئي، ماروئي: ث. سنڌ جي مشهور قصي "عمر ماروئي" جو مکيه ڪردار.

مارِي: ص. مارينڌڙ. شڪاري- صياد. هڪ قبيلي جو نالو.

ماريَلُ: ص. مُئل. تباهه- برباد. ستايل. هيسايل. مغلوب ڪيل.

مارِيو: ص. مار کاڌل. هيسيل. عورتن جي اصطلاح ۾ مَجُو.

ماڙ، ماڙ: ث. مدد- واهر. وَڙُ- احسان. مِهرَ- ڀلائي. گهرَ جي مٿان اڏيل جاءِ- ماڙي.

ماڙ ڪرڻ: مدد ڪرڻ. احسان ڪرڻ- مِهرَ ڪرڻ. ٻاجهه ڪرڻ.

ماڙو: ص. ڪسَو. هلڪي جنس جو (ميوو، ٿَڙ) تڪل (وهٽ).

ماڙهو: ذ. ماڻهو.

ماڙي: ث. گهر جي مٿان اڏيل جاءِ- ماڙ.

ماڙيچو: ص. مارواڙ جو رهاڪو. (ث. ماڙيچاڻي).

ماسُ: ذ (سن. مانس) گوشت- ماهه- لحم. ميوي جو اندريون ڳودو- ڳِرُ- رَسُ. (سن. ماس) مهينو- ماهه.

ماساتُ: ذ. ماسيءَ جو پُٽ. (ث. ماساتِ).

ماسَبَقُ: ص (ع) اڳ ٿي ويل- گذريل- اڳيون.

ماسٽَرُ: ذ (انگ) اُستاد- معلم.

ماسَڙُ: ذ. ماسيءَ جو مڙس.

ماسَلَفَ: ص. (ع) گذريل- گذشته.

ماسو: ذ (ف. ماشه) سون ۽ طبيبن جي ڦڪي يا ڪُشتي جي تور جو هڪ وزن. اٺن رتين جو وزن- تولي جي ٻارهون حصو.

ماسِوا: ظ (ع) ان کان سواءِ- علاوه. تصوف جي اصطلاح ۾ خدا تعاليٰ کان سواءِ هر چيز.

ماسِوالله: ذ. خدا تعاليٰ کان سواءِ هرچيز.

ماسِي: ث. ماءُ جي ڀيڻ.

ماشاءَ الله: جملو (ع) جيڪي خدا گهري- خدا جي مرضي. جيڪي خدا گهريو.

ماشو: ذ. جامڪيدار بندوق جي لبلبي (جنهن ۾ جامڪي يا پَليتو پيچائجي). ماسو.

ماشا ٿِرڻ: وايون بتال ٿيڻ- حوصلا خطا ٿيڻ.

ماضِي: ذ (ع) گذريل وقت- اڳيون وقت. (گرامر موجب) گذريل وقت جي معنيٰ ڏيکاريندڙ زمانُ.

ماضِي بَعِيد: ذ. گهڻو اڳ گذريل زمانو. سنڌي گرامر ۾ هڪ زمان جو نالو.

ماضِي قريبُ: ذ. ويجهڙائي ۾ گذريل وقت. سنڌي گرامر ۾ هڪ زمان جو نالو.

مافَوقُ: ص (ع) مٿيون. اعليٰ اُوچو- بلند.

مافي الضَّمِيرُ: ذ (ع) جيڪي دل ۾ هجي- دل جي ڳالهه. مدعا. مقصد- مطلب.

مافِيها: ذ (ع) جيڪي منجهس آهي. جيڪي ان ۾ آهي.

ماقَبلَ: ظ (ع) اڳيون- هن کان اڳيون.

ماڪَ، ث. پوئين رات يا صبح جي پهر ۾ هوا ۾ مليل پاڻي (جيڪو ٺڏڪار ۾ وسي). گهمَ- شبنَم- ماڪَ.

ماڪَ تي مورچو، ٻاهرين ٿوري مدد سان ڏيک ويک ڪرڻ.

ماڪِجَڻُ، م. گهمجڻ- ماڪ مان پُسڻ.

ماڪَڙ، ث. مڪڙن جو ڪَڪَرُ. لکين ڪروڙين مڪڙن جو ميڙُ. تمام گهڻا مڪڙ.

ماڪُو، ص. ياڙ ڪاٽيندڙ- ڏَلو. مَڃُو.

ماڪوڙو، ذ. هڪ مشهور جيت.

ماڪوڙي، ث. هڪ مشهور جيت- ڪِيولي- ڪِيڙي. ڏندن جي هڪ بيماري. ڏندن جي ڪاڏ.

ماکِي، ث. ماکيءَ جي مکين جو گُلن تان گڏ ڪيل رَس- مَڌُ. شَهد- انگبين.

ماڳُ، ذ. هنڌ- جاءِ. رهڻ جو هنڌ. آستان. منزل.

ماڳِهين، ظ. انهيءَ ماڳ تي. مورڳو- مُورهين. بجاءِ. ٻِنهِ.

ماگهہُ، ذ. مانگهہ.

مالُ، ذ (ع) سامان- اسباب. جائداد. چوڀايو ڍڳ- خزانو. دولت- ناڻو- ڌنُ. پونجي- مُوڙي. واپار جو سامان. قيمتي شيءِ. جنس.

مال مارڻ، غبن ڪرڻ. لُٽ ڪرڻ- ڦُرَ ڪرڻ. بنان محبت جي دولت هٿ ڪرڻ.

مال پهرائڻ، صبوح جو (يا ڪنهن مقرر وقت تي) چوپائي مال کي جهنگ ۾ چارڻ لاءِ وٺي وڃڻ.

مالا مالُ، ص. خوشحال- دولتمند. پربور. زرخيز.

مالا مال ڪرڻ، ملڪيت سان ڍئي ڇڏڻ. نهال ڪرڻ.

مالٽو، ذ. هڪ قسم جو ميوو (نارنگيءَ سان مشابهت رکندڙ).

مالپُڙو، ذ. گيهہ ۾ تريل مٺي ماني.

مالدارُ، ص. دولتمند- شاهوڪار. ڀاڳيو.

مالِش، ث (ف) مَلڻ- مَهٽ (جسم کي)- آڏ. چمڪو- اوجر.

مالِش ڪرڻ، آڏ مک ڪرڻ. مهٽ سهٽ ڪرڻ.

مالِ غنيمَت، ذ. لڙائي ۾ دشمن جو هٿ آيل مال. لُٽَ جو مال. مفت جو مال.

مالِڪُ، ذ (ع) والي- ڌڻي. آقا. خداوند.

مالِڪُ المُلڪ، ذ. ملڪ جو مالڪ- بادشاهہ. خداتعاليٰ.

مالڪانو، ذ. مالڪيءَ جو حق يا عيوض. زميداري حق.

مالڪي، ث. مالڪانو ملڪيت جو حق. وارثي. دعويداري.

مالڪوس، ذ. هڪ راڳ جو نالو.

مال گاڏي، ث. بار واري ريل گاڏي. بارگاڏي.

مال مَتاعُ، ذ (ع) اسباب ۽ دولت. ڌن دولت- ملڪيت.

مالُوف، ص (ع) مانُوس- هاڻو ماڻُو. پيارو. وڻندڙ. (ذ) پيارو وطن- جنم ڀُومي.

مالهہ، ث. چرخي، هُرلي يا نار جي چڪر کي ڦيرائيندڙ ڏور يا رسي.

مالها، ث (سن) هار- ڪَنٺي. سُمَرڻي.

مالهاري، ث. هڪ ننڍڙو پکي. مالهاري پکي جو سوڻ جيڪو خاص طرح تر وارا ڪن (ڪنهن ڪم تي ويندي وات تي مالهاري پکي سڄي طرفان اُڏامي يا کٻي طرفان اُڏامي تہ ان لحاظ سان اهو چڱو يا خراب سوڻ ڀائين).

مالهڻ، مالهڻِ، ث. گل وڪڻندڙ عورت- ٻڪارڻ. 'مالهي' جو مؤنث.

مالهي، ذ. باغ سنڀاليندڙ- باغائي- باغبان. ٻَڪاري- آرائين.

مالهي، ث. وات ۾ ڏندن جي پاڙ وارو گوشت (جنهن ۾ ڏند لڳل هوندا آهن)- مهاري

مالِي، ث. ماليت. مُوڙي- پونجي.

ماليّتَ: ث (ع) پُونجي- مُوڙي- سرمايو. ڌن- دولت. قيمت- ملهه.

ماليخوليا: ث. هڪ قسم جي دماغي بيماري. دماغ جو خلل. خفقان- سوداءُ. چريائي.

مامَ: ث. رمز- اشارو. ڳُجهي ڳالهه- لِڪَ. طاقت- سگهه.

مامَ پروڙڻ: ڳجهُو اشارو سمجهي ڪرڻ. راز پروڙڻ. ڳجهارت ڀڃڻ.

مامتا: ث. ماءُ جي محبت.

مامرو: ذ (ع. معامله) معاملو- مسئلو. تڪرار.

مامرو مَنڊڻ: جهيڙو ڪرڻ. تڪرار ڪرڻ.

مامَڻُ: م. ماپڻ- سَمائڻ.

مامو: ذ. ماءُ جو ڀاءُ.

مامي: ث. مامي جي زال.

مامُور: ص (ع) حڪم ڪيل. اجازت ڏنل. مقرر.

مامُوري: ث. مقرري. امرُ جي اجازت.

مامُونُ: ص (ع) امن هيٺ آيل- محفوظ.

مان: ض (ف. مَن) آءٌ- مُون. (ظ) منجهان- وچان- اندران.

مانَ: ندا. شالَ- هوند- جيڪر.

مانُ: ذ. عزت- شان. وڏائي- مرتبو. فخر. غرور- تڪبر.

مان ڏيڻ: عزت ڏيڻ. خاطر تواضع ڪرڻ. چوڻ مڃڻ.

مانُ ڪرڻُ: تعظيم ڪرڻ. آدرڀاءُ ڪرڻ. فخر ڪرڻ. اجائي وڏائي ڪرڻ. سيٺ ڪرڻ.

مانا: ذ. اُهو کاڌو جيڪو حضرت موسيٰ جي قوم کي مليو هو (مَن وسلويٰ). مانيون. کاڌا. ڏڪا ٽاپا.

مانا کائي مٿي چڙهڻ: حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪرڻ. آخري عمر کي ويجهو اچڻ.

مانارو: ذ. ماڪيءَ جي مکين يا ڏينين جو خانن وارو آستانو.

مانائتو: ص. مان شان وارو. معزز- آبائتو. (ث. مانائتي).

مانجَڻُ: م. مَلڻ (ٿانءَ). صاف ڪرڻ- اُجارڻ.

مانجهه: ث. هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

مانجهاندڙي: ث. هڪ وڻ جو قسم.

مانجهاندو: ذ. مَنجهند جي ماني. ٻن پهرن جي ماني ۽ آرام- ٻپهرو. سفر ۾ ٿوري دير لاءِ دابو ۽ آرام.

مانجهاندو ڪرڻ: ٿوريءَ دير لاءِ جو دابو ۽ آرام ڪرڻ. ٻپهرو ڪرڻ. ٻن پهرن جو ٿوري دير لاءِ ننڊ ڪرڻ- قيلولو ڪرڻ.

مانجهو: ذ. لغڙ جي ڏور کي هڻڻ جو مصالحو (جيڪو لئي ۾ ڪُٽيل شيشا ملائي ناهين).

مانجهي: ص. منجهه وِهندڙ- مائهن جي وچ ۾ وهندڙ. اڳواڻ- سردار. سورهيه- پهلوان. جنگجُو- جهُونجهار.

مانداڻي: ث. ٿڪاوٽ. بيهوش. اُمهائي- ماندڪائي.

ماندگِي: ث (ف) ٿَڪُ. سُستي.

ماندو: ص (ف. ماندن) ٿڪل. ڪهُيل- هَٻيل. بيزار. ساٺو. (ث. ماندي).

مانڌاڻُ: ذ. ولوڙو- لوڙ پوڙ. وڳوڙ- فساد.

مانڌاڻُ وجهڻ: فساد وجهڻ. جهيڙو وجهڻ. رولو وجهڻ.

مانڌالو: ذ. برسات تي ٿيندڙ گاهه جو هڪ قسم.

مانڌاڻي: ث. ڌُڌ ولوڙڻ لاءِ جهرڻو- مَنڌي. گاهه جو هڪ قسم.

مانڊاڻُ: ذ. آسمان تي ڪارن ڪڪرن جو جُهڙ. جُهڙ جو ماحول.

مانڊاڻو: ذ. بناوت- اڏاوت. جوڙجڪ- ناهه نُوهه.

مانڊاڻو مَنڊڻ: بندوبست ڪرڻ- ناهه جوڙ ڪرڻ. اڏاوت ڪرڻ. ڪنهن ڪم جي ابتدائي تياري مڪمل ڪرڻ.

مانڊڻي، مانڊڻي: ث. ڪاٺ جي اڏاوت وارو ننڍو دُڪان.

مانڊو: ص. ٽانگ ٻلا جي ڪڪيل تي مَنڊ پڙهندڙ.

ماڊِي؛ ص. منڊ پڙهندڙ. جهاڙ رکندڙ. مَنڊ هڻندڙ.
ماڊو، ماڊوو؛ ذ. سرڪس، سئنيما يا ناچ گاني لاءِ اڏيل وڏو شاميانو.
مانعُ؛ ص (ع) منع ڪندڙ- روڪ ڪندڙ. باز رکندڙ- پليندڙ. اٽڪاءُ ڪندڙ. (ذ) خداتعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
مانگرُ؛ ذ. پاڻي جو هڪ وڏو جانور- واڳون. وڏو مڇ.
مانگهہ، مانگہ؛ ث. وارن جي وچان ليڪ- سينڌ. هڪ قسم جو ڳهہ- ڏاوڻ- ڏاوڻي.
مانگهہُ؛ ذ (سن) سنبت سنہ جو يارهون مهينو.
مانند؛ ظ (ف) وانگر- مثل- هوبهو.
مانُوس؛ ص (ع) هاڻو ماڻو- هريل. پسنديدہ- وڻندڙ.
ماٺهہ. ماهُ؛ ذ (ف. ماش) هڪ پوک جنهن جي ڦرين مان نڪتل اناج (جيڪو دال طور ڪم اچي). اُڙد.
ماني؛ ث. ڪڻهن يہ اناج جي اٽي مان پچايل لولو. کاڌو- طعام. رزق- ڇوٽو. دعوت لاءِ ٺهيل کاڌو.
ماني ٽِڪي؛ ث. کاڌو خوراڪ- طعام.
ماني ڪرڻ؛ دعوت ڪرڻ. خيرات ڪرڻ. مُئي جي ختمي جي ماني ڪرڻ.
ماني حرام ڪرڻ؛ بيزار ڪرڻ- تنگ ڪرڻ.
ماني مَڃي؛ ث. ڪشادو رزق. خوشحالي.
مانيءِ ڳوڙ؛ ص. رڳو کاڌي جو شوقين پر ڪم جو ڪوڙو. مفت ۾ مانيون کائيندڙ. سست- ٽوٽي.
مانيٽرُ؛ ذ (انگ) ڪنهن ڪم جي مٿان نظر ڪندڙ. ڪلاس ۾ اُستاد جو مددگار شاگرد.
ماڻُ؛ ذ. ان پرڻ جو ٿانءُ. ماپو.
ماڻ پرڄڻ؛ ڏينهن پورا ٿيڻ- حياتي پوري ٿيڻ.
ماڻِڪُ؛ ذ (سن) ياقُوتُ- لعل. هيرو- رتن.
ماڻِڪي؛ ث. اک جو ڪارو ٽِڪو. اکين ۾ اڇن ٽِڪن واري مينهِن.
ماڻڻُ؛ م. واپرائڻ- ورتائڻ. هنڊائڻ. حاصل ڪرڻ (حياتي، جواني، مزو).
ماڻو؛ ذ. نخرو- انگل- جاڳ. ناز.
ماڻا ڪرڻ؛ انگل ڪرڻ- نخرا ڪرڻ. چانگرا ڪرڻ.
ماڻهُو؛ ذ. انسان- آدمي- پُرش- بشر.
ماڻهپائي؛ ث. ماڻهپو. انسانيت. اشرافت.
ماڻهپو؛ ذ. انسانيت. اشرافت- فضيلت. اخلاق. خوش اخلاقي.
ماڻهو جيڻو؛ ذ. ڪوڙ انسان.
ماڻهپي؛ ث. ماڻهپائي.
ماويٰ؛ ذ (ع) پناہ جي جاءِ- ٺڪاڻو- گهر.
ماوَراء؛ ظ (ع) سواءِ- ڪلاوہ- بغير.
ماهُ؛ ذ. گوشت- ماسُ. اُڙد (دال). ذ (ف) چنڊ- قمر. مهينو.
ماهہ بہ ماہ؛ ظ. هرمهيني- ماهوار.
ماهتاب؛ ذ. چنڊ. چانڊوڪي- چنڊ جو سهائو.
ماهپارہ؛ ص. چنڊ جو ٽُڪر. حسين- خوبصورت. معشوق.
ماہ پَيڪر؛ ص. چنڊ جهڙي صورت وارو- حسين.
ماہ جَبين، مہ جبين؛ ص. چنڊ جهڙي پيشانيءَ وارو. سهڻو.
ماہ رُخ، ماہ رُو؛ ص. چنڊ جهڙي- حسين- خوبصورت- سُهڻي.
ماہ طَلعت؛ ص. چنڊ جهڙي صورت.
ماہ ڪامِل؛ ذ. چوڏهين جو چنڊ- بدر.
ماہ لقا؛ ص. چنڊ جهڙي صورت.
ماہ مُنير؛ ذ. چمڪندڙ چنڊ.
ماهِ نَو؛ ذ. نئون چنڊ. پهرين تاريخ جو چنڊ. نئون مهينو.
ماهِوار؛ ص. هر مهني- مهيني سر مهيني.

ماه وَش؛ ص. چنڊ جهڙو. سهڻي- حسين.

ماهواري؛ ث. هرمهيني. عورت کي ايندڙ حيض- ڪپڙا.

ماهي؛ ص. ماه جهڙو سهڻو. حسين. محبوب- جانب- پيارو.

ماهيانو؛ ص. هرمهيني مقرر وظيفو- پگهار.

ماهرُ؛ ص (ع) تيز فهم- سمجهو- ڏاهو. هنرمند. تجربيڪار. ڪم يا فن ۾ اُستاد.

ماهو؛ ذ. موت. ڪوس- قتل عام.

ماهو پوڻ؛ عام ماڻهن يا مال ۾ موت گهڻو ٿيڻ. قتل عام ٿيڻ. خونريزي ٿيڻ.

ماهندو؛ ذ. ماهيندو.

ماهي؛ ث (ف) مَڇي.

ماهي بي آب؛ ص. پاڻي مان نڪتل مڇي (جيڪا ٿڪندي رهي). بيقرار.

ماهي گِيرُ؛ ص. مڇي جهليندڙ يا ماريندڙ. مُهاڻو.

ماهيتَ؛ ث (ع) اصل مادو- جوهَرُ- مغز. حقيقي وجود. حقيقت. اصليت- خصوصيت.

ماهيَڙو؛ ص. مينهون تاريندڙ ڀاڳيو. ماهيو کير وڪڻندڙ. مينهُنِ جي ڌوڻ ڪندڙ.

ماهيندُ، ماهندُ؛ ذ. پيار ۽ سينگار لاءِ چوڻياٽي مال جي ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ لاءِ گهٽين ڳنڍيين يا ڪوڏين وغيره جي ٻُوچ وارو رنگين ڳانو.

ماهيو؛ ص. مينهن جو. (ذ) مينهُون.

ماو؛ ث. ماڱ- هنڌ- جُوءِ.

ماءُ؛ ذ (ع) پاڻيءَ- آب- جل- عرق.

ماءُ؛ ث. اُها عورت جنهن ڄڻيو هجي- والده- مادر- امڙ- آئِي.

ماءُ پيءُ؛ ذ. امان ابو- والدين.

ماءُ جايو؛ ذ. ساڳي ماءُ مان ڄاول ڀاءُ.

مائٽُ؛ ذ. عزيز- رشتيدار. سڱيڻو. (مائٽياڻي).

مائٽاڻو؛ ص. مائٽن جو. ورثي ۾ مليل.

مائٽي؛ ث. عزازت- قرابت- رشيتداري. سڱُ.

مائٽي ڪرڻ؛ سڱ ڪرڻ. عزازت ڳنڍڻ. سڱاوتي ڪرڻ.

مائجَڻُ؛ م. سمائجڻ- ماپڻ- ڪنهن ٻيءَ شيءِ ۾ ماپجي وڃڻ.

مائع، مايع؛ ذ (ع) پاڻيٺ (پاڻي، کير، تيل وغيره).

مائِل؛ ص (ع) لاڙو رکندڙ- جُهڪيل- نميل. لڙيل. متوجه. چاهيندڙ.

مائل ٿيڻ؛ لاڙو رکڻ- جُهڪڻ. راغب ٿيڻ. متوجه ٿيڻ.

مائڻُ؛ م. سمائجڻ- ماپي اچڻ.

مائو؛ ذ. مٺائيءَ جو هڪ قسم- گهاٽي ڪڙهيل کير مان ٺهيل مادو.

مائوف؛ ص (ع) ضربيل- ڏکيل (عضوو). بي حس- سائو.

مائي؛ ث. ماءُ. دائي. ڪابه عورت. پوڙهي عورت.

مائيتو؛ ص. ماءُ جو (اولاد، جنهن جو پيءُ ٻيو هجي). (ث. مائيتي).

مائي باپُ؛ ذ. ماءُ پيءُ. حاڪم. پاليندڙ.

مايا؛ ث (سن) هنر- ڪاريگري. عقل- ڏاهپ. ڌن- دولت.

مايو؛ ذ (ف. مايه) سرمايو- پونجي- مُوڙي. دولت. ذخيرو. پيڙهه. اصلي مادو- جوهر- مغز. حقيقي وجود. مادو. مقدار.

مائيدارُ، مايه دارُ؛ ص. وزني- ڳرو. ٿهرو. ڳردار. پريل.

مايه نازُ؛ ص. فخر جو سبب.

مائيوس؛ ص (ع) نااميد- نراس. دل شڪستو. ويڳاڻو.

مائوسي، ث. نااميدي. محرومي. نراسائي.
مُباح، ص (ع) جائز- روا- حلال. شريعت مطابق جائز- درست. رِهائيندو.
مُباحَثو، ذ (ع) بحث. سوال جواب. مناظرو. تڪرار.
مُبادا، ظ (ف) خدا نہ ڪري- متان ائين ٿئي. متان- شايد.
مُبادلو، ذ (ع) بدلو- عيوض. مٽاسٽا- بدل سدل.
مُبارَزت، ث (ع) لڙائي لاءِ نڪري اچڻ- جنگ- لڙائي- ويڙهہ.
مُبارَڪَ، ث (ع) خوشخبري. واڌائي- ڪِيرَ.
مُبارڪَباد، مُبارڪَبادي، ث. واڌائي- ڪِير. خوشخبري.
مُبارڪُ، ص (ع) برڪت وارو- سڀاڳو- نيڪ- سعيد. ڀلارو- سڀاڳورو.
مُبارَڪِي، ث. مبارڪَ- ڪِيرَ- واڌائي.
مُباشَرَت، ث (ع) جماع- همبستري.
مُبالغو، ذ (ع) حد کان وڌيڪ تعريف. ساراهہ ۾ تمام گهڻو وڌاءُ. اجائي ڊيگهہ.
مبالغو ڪرڻ، وڌاءُ ڪرڻ. وڌائي ڳالهہ ڪرڻ.
مُباهلو، ذ (ع) هڪ ٻئي جي لاءِ پِٽ پاراتي وارو شرط.
مُبتدا، ث (ع) شروعات- آغاز- ابتدا. مُنڍ. گرامر موجب جُملي جو پهرين حصو.
مُبتَدِي، ص (ع) شروع وارو. سيکڙاٽ. نئون شاگرد. اوائلي.
مُبتَلا، ص (ع) ڦاسايل- ورتل- جهليل. رُڌل- ڦاٿل. مصروف.
مَبذُول، ص (ع) استعمال ڪيل. ڪم ۾ آندل. ڀلي ڪيل.
مُبرا، ص (ع) آجو- آزاد- ڇُٽل. پاڪ صاف- بي عيب.
مُبرو، ذ. وڏو ماڻُ. وڏو ماپو (ڀنڙين شين کي ماپڻ لاءِ). (ث. مُبري).
مَبسُوط، ص (ع) پکڙيل- ڦهليل ڪشادو- ويڪرو.
مُبَشِرُ، ص (ع) بشارت ڏيندڙ- خوشخبري ٻڌائيندڙ.
مُبَصِرُ، ص (ع) ڏِسندڙ- جانچيندڙ. پارکُو.
مَبعُوث، ص (ع) موڪليل- پيدا ڪيل. جيئرو ڪيل- جاڳايل.
مَبلَغ، ص (ع) جملي- ڪُل- سڀ. انداز (رقم).
مُبَلِغُ، ص (ع) تبليغ ڪندڙ- پرچارڪ.
مَبنِي، ص (ع) جنهن شيءِ يا ڳالهہ تي بنياد رکيل هجي- بنيادي.
مُبهَمُ، ص (ع) منجهيل (ڳالهہ)- گول مول. شڪي.
مَبهُوت، ص (ع) حيران- هڪو ٻڪو. وائڙو.
مُبَينُ، ص (ع) ظاهر- آشڪار- صاف. نشانبر- چٽو- پڌرو.
مَتِ، ث (سن) عقل- سمجهہ- ٻُڌ. ڏاهپ. هوش. صلاح- راءِ. نصيحت. سيکت.
مَت ڏيڻ، عقل ڏسڻ. سيکت ڏيڻ.
مَت کسجڻ، سمجهہ وڃڻ- عقل مارجڻ. هوش وڃائڻ.
مَتيون منجهڻ، حوصلو خطا ٿيڻ- حواس گم ٿيڻ. وائڙو ٿيڻ.
مَتُ، ذ (سن) پوڄا. ڌرم- مذهب. عقيدو. پنٿ.
مُتابِعُ، ص (ع) تابع. پيروي ڪندر.
مُتابَعَت، ث (ع) پيروي. فرمانبرداري- اطاعت.
مُتاثِرُ، ص (ع) اثر قبول ڪندڙ- اثرپذير. اثر ڪندڙ- اثرائتو.
مُتاخِرُ، ص (ع) پٺيان ايندڙ- پڇاڙي وارو- آخري، جديد.
مُتاخِرين، ذ (ع) پڇاڙي واري زماني جا ماڻهو. هلندڙ دور جا ماڻهو.
مَتارو، ص. بدن ۾ ڀريل- ٿلهو (چوپايو). سگهو. (ث. متاري).

مُتاسِفُ: ص (ع) افسوس ڪندڙ- ڏک ڪندڙ. غمگين- ڏکارو.

مَتاعُ: ذ (ع) مال اسباب- آثاثو- پُونجي. سوداگريءَ جو مال.

مَتان: ظ. نہ- بلڪل نہ- مَيُن. شايد- جيڪر.

مَتانت: ث (ع) سنجيدگي. پختگي. خيالن جي پڪائي.

مَتاهُ: ذ. هڪ قسم جو پکي.

مُتَبادَلُ: ص (ع) عيوض ۾- بدران آيل. بدل سدل. متاستا ۾ آيل.

مُتَبرڪ: ص (ع) پاڪ- صاف. مقدس. برڪت وارو. معزز. سڳورو.

مَت ڀيدُ: ذ (سن) اختلاف. اختلاف راءِ.

مُتَحارِبُ: ص (ع) هڪ ٻئي سان وڙهندڙ- لڙائي ۾ ڳنڍيل.

مُتَحِدُ: ص (ع) اتحاد رکندڙ- متفق- ٻڌيءَ ۾. ڳنڍيل- هڪ ٿيل.

مُتَحرِڪ: ص (ع) حرڪت ڪندڙ- چُرندڙ.

مُتَحَمِّلُ: ص (ع) بردبار- ڳنڀير- سنجيدو. برداشت ڪندڙ. سهندڙ.

مُتَحَيرُ: ص (ع) حيران- عجب ۾. هڪو ٻڪو- وائڙو.

مُتَداوَلُ: ص (ع) واري واري سان آيل- هٿوهٿ پهچندڙ (حديث جو اصطلاح). هلندڙ- رائج. عام- رسمي.

مُتَذَبذَبُ: ص (ع) ٻڌتر ۾. ٻہ چتو- ڳڻتيءَ ۾.

مُتَذڪرَہ: ص (ع) ذڪر ڪيل- بيان ڪيل. ڄاڻايل.

مُترادِفُ: ص (ع) هم معني (لفظ).

مُتَرَجَمُ: ص (ع) ترجمو ڪندڙ.

مُتَرَددُ: ص (ع) فڪرمند. بيقرار. ڳڻتيءَ ۾- ٻڌتر ۾. انڪاري.

مُتَرَشحُ: ص (ع) ظاهر- پڌرو.

مُترَڪو. مَترڪو: ذ (ع) ڪلين ڪوڪن ٺوڪڻ جو اوزار- هٿوڙو.

مُتَرَڪِي: ث. ننڍو مترڪو.

مَتروڪُ: ص (ع) ترڪ ڪيل- ڇڏيل. اهو لفظ جيڪو اڳ استعمال ٿيندڙ هجي پر موجوده ٻوليءَ ۾ ڇڏيو ويو هجي.

مُتَزَلزِلُ: ص (ع) ڏڪندڙ (زلزلي ۾). ڏڪندڙ.

مُتساوِي: ص (ع) هڪ ٻئي جيترا.

مُتَشابِہ: ص (ع) هم شڪل- هڪ جهڙو. ساڳيو- هُوبهو.

مُتَشابِهات: ث (ع) ڪلام پاڪ جون اُهي آيتون جن جي معني خداتعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪو نٿو ڄاڻي.

مُتَشرَعُ: ص (ع) شريعت جو پابند- پڪو دينڊار.

مُتَشڪِرُ: ص (ع) شڪر ادا ڪندڙ- شڪرگذار- ٿورائتو.

مُتَشَڪِي: ص (ع) شڪ وارو- شڪ ڳاڙ. گرامر ۾ 'زمان ماضي متشڪي'.

مُتَصادِم: ص (ع) هڪ ٻئي سان ٽڪرجندڙ- ٺهڪندڙ.

مُتَصرِفُ: ص (ع) ڪم ۾ آڻيندڙ- قابض. مالڪي رکندڙ- قبضيدار.

مُتَصرفي: ث. مالڪي- قبضيداري. ملڪيت.

مُتصِلُ: ص (ع) ويجهو- لاڳو- ڳنڍيل. نزديڪ. لاڳيتو.

مُتَضادُ: ظ (ع) اُبتڙ- خلاف- برعڪس.

مُتَعارِفُ: ص (ع) هڪ ٻئي جا واقف- ڄاڻو سُڃاڻو. سڃاتل- واقفڪار. نالي وارو- مشهور.

مُتَعَدِدُ: ص (ع) ٿورا- ڳاڻ ڳڻيا- چند- ڪجهہ. گهڻا- ڪئين- بيشمار.

مُتَعَدِي: ص (ع) وچڙندڙ (مرض).

مُتَعَصِبُ: ص (ع) مذهب يا قوم جي ڳلا ڪندڙ- تعصب رکندڙ. تعصبي- ڪٽر.

مُتَعَفِنُ: ص (ع) ٻانسي- ڪنو- بدبودار.

مُتعلقُ: ص (ع) تعلق رکندڙ- لاڳاپيل- وابستہ. واسطو رکندڙ.

مُتعلمُ: ص (ع) تعليم وٺندڙ- شاگرد- طالب علم.

مُتعہ: ذ (ع) شيعہ فرقي ۾ مقرر وقت لاءِ نڪاح.

مُتعينُ: ص (ع) ڪنهن ڪم تي مقرر- مقرر ڪرڻ- سوُنپيل. نامزد- مقرر.

مُتغيرُ: ص (ع) هڪ حالت مان ٻيءَ ۾ بدلجندڙ. بدليل. حيران- وائڙو. گهبرايل.

مُتفرقُ، مُتفرقہ: ظ (ع) جدا جدا- الڳ الڳ. ٽڙيل پکيڙيل. ڇڙوڇڙ- منتشر.

مُتفرقات: ذ (ع) جدا جدا شيون. حساب ڪتاب جون مختلف رقمون.

مُتفقُ، مُتفقہ: ص (ع) اتفاق ڪندڙ. يڪراءِ- هم خيال. شامل- گڏ- مليل.

مُتفق ٿيڻ: شامل راءِ ٿيڻ- يڪ صلاح ٿيڻ.

مُتفڪرُ: ص (ع) فڪرمند. غمگين. ڳڻتي ڪندڙ.

مُتقاضي: ص (ع) گهُرندڙ- طلب ڪندڙ.

مُتقدمُ: ص (ع) اڳيان وڃندڙ. اڳواڻ. اڳرائي ڪندڙ.

مُتقي: ص (ع) پرهيزگار- عبادتگذار- پاڪباز. گناهن کان بچندڙ. خدا کان ڊڄندڙ. شرع جي خلاف ڪمن کان پاسو ڪندڙ.

مُتڪبرُ: ص (ع) تڪبر ڪندڙ- مغرور- هٺيلو. خود پسند.

مُتڪلمُ: ص (ع) ڳالهائيندڙ. تقرير ڪندڙ. علم ڪلام جو ماهر.

مَتلُ: ص. پرپور- پريل. ڀريل- دڪيل (باهہ). ڪاوڙيل.

مُتلاشي: ص (ع) تلاش ڪندڙ- ڳولائو.

مُتلونُ: ص (ع) رنگ بدلائيندڙ. ڦرندڙ گهرندڙ. هڪ ڳالهہ تي نہ بيهندڙ. غيرمستقل مزاج.

مُتمڪن: ص (ع) جاءِ وٺندڙ- قرار وٺندڙ. ٽانيڪو.

مُتمني: ص (ع) خواهشمند- گهُرجائو- آسائتو. تمنا رکندڙ- آرزومند.

مُتمولُ: ص (ع) امير- دولتمند- مالدار.

مَتنُ: ذ (ع) ڪتاب جي اصل عبارت.

مُتنازع: ص (ع) جهيڙي ۾- اختلافي.

مُتناسبُ: ص (ع) تناسب رکندڙ. هڪ ساريکو. مناسب- موزون.

مُتنبہ: ص (ع) تنبيهہ ڪيل. آگاهہ- خبردار.

مُتنفرُ: ص (ع) نفرت ڪندڙ. بيزار- ڌڪاريندڙ.

مُتنفس: ص (ع) ساهوارو- جاندار. ماڻهو- بشر.

مَتو: ذ (سن) مت- عقيدو. مذهب. اصول. قاعدو. فرقو.

مُتواتر: ظ (ع) هڪ ٻئي پٺيان- لاڳيتو- مسلسل.

مُتوازن: ص (ع) وزن ۾ برابر. وزنائتو- پورو پُنو.

مَتوالو: ص. نشي ۾ الهوٽ- مخمور- مدهوش. مستيءَ وارو- مست- چريو. خفقاني.

مُتوجهہ: ص (ع) توجهہ ڪندڙ- ڌيان ڏيندڙ. مائل. هڪ مَنو.

مُتوجهہ ڪرڻ: ڌيان ڇڪائڻ.

مُتوسط: ص (ع) وچ جو- وچ وارو- وچون- وچولو- درميانو. پورو پنو.

مُتوطن: ص (ع) رهاڪو- رهندڙ- باشندو.

مُتوفي: ص (ع) مُئل- گذاري ويل- فوتي.

مُتوقعُ: ص (ع) توقع رکندڙ- اميد رکندڙ- اميدوار- آسرو رکندڙ.

مُتوڪلُ: ص (ع) توڪل تي رهندڙ- ڀروسو ڪندڙ. خدا تي ياڙيندڙ. رضا تي راضي رهندڙ- توڪلي.

مُتولي: ص (ع) انتظام ڪندڙ- جائداد يا وقف جو

نگران. والي.

مَتِ هِينُ: ص (سن) جنهن جو عقل کسجي وڃي- مت- ڪتل- بي عقل.

مِتِي: ث. مهينو. تاريخ- تِٿ.

مِتيرو: ذ. چيز. قد جو ٻندرو- ڪوتاهه قد.

مَٿَ: ث. مٿاهين- مٿاچرو. مٿين سطح. مٿيون پاسو.

مَٿَ خَرچُ: ذ. مٿيون خرچ. ريزڪي خرچ. اتفاقي ضرورت وارو خرچ.

مَٿاچرو: ذ. مٿين سطح- مٿيون حصو. (ص) سطحي- نالي ماتر. مٿينءَ دل سان. سَرسري.

مَٿا ڪُٽَ: ث. مٿو هڻڻ- مغزماري. جفاڪشي- سخت محنت. جاکوڙ. ڪشالو. ڪوشش.

مَٿا ڪُٽَ ڪرڻ: ڪوشش ڪرڻ. جاکوڙ ڪرڻ. بيحد سرجوشي ڪرڻ.

مَٿاميڙ: ث. گهوٽ ڪنوار کي لانئون ڏيڻ جي رسم. شادي- وهانءُ.

مَٿان: ظ. مٿي کان- مٿي وٽان. چوٽيءَ کان. شروع کان. مٿي- وڌيڪ- زياده.

مٿان پوڻ: اوچتو ڪڙڪڻ. موقعي تي رسڻ.

مٿان ويهڻ: سنڀال ڪرڻ. نظرداري ڪرڻ.

مٿانگرو: ص. وڏو- اُوچو. مٿانهون.

مٿانهون. مِٿاهون: ظ. مٿي- بلند- اوچو. اعليٰ. اڳرو. (ث. مٿانهين).

مَٿانهين. مَٿاهين: ث. بلندي- اوچائي. وڏائي- بزرگي- عظمت. چاڙهه- چاڙهي.

مَٿڪِي: ث. اصل رقم تي ڏنل واڌو رقم. واڌي.

مِٿُن: ذ (سن) هڪ برج جو نالو- جوزا.

مَٿو: ذ. سِرُ. پيشاني- نراڙ. مغز. کوپري. مٿانهون پاڳو- مٿيون حصو. مُنڍ.

مَٿا مُونا هڻڻ: ڪوشش ڪرڻ- ڪشالو ڪرڻ.

مَٿو ٻڌڻ: خوشامد ڪرڻ.

مَٿو پچڻ: سخت سزا ڏيڻ.

مَٿو تپائڻ: بيزار ڪرڻ- تنگ ڪرڻ. ورچائڻ.

مَٿو ٽيڪڻ: سجدو ڪرڻ. پيش پوڻ. سلامي پرڻ.

مَٿو ڌوئڻ: وهنجڻ- غسل ڪرڻ. تڙ ڪرڻ.

مٿو ڏيڻ: مُنهن ڏيڻ- سامهون اچڻ. همٿ ڳنڍڻ. مقابلو ڪرڻ.

مَٿو ڦرڻ: پنواتي اچڻ. وڏائي ٿيڻ. چريو ٿيڻ. بتال ٿيڻ.

مٿيو ڪوڙڻ: دلبو ڏيئي ڦرڻ.

مَٿو کائڻ: گهڻو ڳالهائڻ. بيزار ڪرڻ- اجائي بڪ ڪري ورچائڻ.

مٿو کپائڻ: غور ويچار ڪرڻ. کاپارو ڪرڻ. سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

مٿو لِڪائڻ: اجهي ۾ اچڻ. پناه وٺڻ. رهائش اختيار ڪرڻ.

مٿو وڃڻ: سِرُ وڃڻ. گم ٿيڻ. رُلي وڃڻ. نقصان پهچڻ. آزار ۾ پوڻ.

مٿو هڻڻ: ڪوشش ڪرڻ. مغز کپائڻ. بحث ڪرڻ. سمجهائڻ. اجايو ڳالهائڻ.

مٿي اگهاڙو: ص. بيحيا- بيشرم. رولُو. بي ننگو. لوئيو.

مٿي تي چاڙهڻ: گستاخ ڪرڻ- حجتي ڪرڻ. دادلو ڪرڻ.

مٿي تي کڻڻ: پاڻ تي هموار ڪرڻ. ذميداري قبول ڪرڻ. برداشت ڪرڻ.

مٿي چاڙهه ڪرڻ: عارضي چپر اڏي اجهو وٺڻ. (عورت) مڙس ڪرڻ.

مٽي ميرو: ص. غسل کان سواءِ- ناپاڪ- پليت- جُنبي. (ث. مٽي ميري)

مٿي: ظ. مَٿ تي- مٿيرو. مٿانهون- مٿيون. بالا. اوچو- اعليٰ. بلند. گهڻو- زياده- وڌيڪ.

مٿيرُ: ص. وڏي مٿي وارو. بهادر- سورهيه. سردار- اڳواڻ. وڏي رتبي وارو.

مٿيون: ظ. مٿان وارو. اُتاهون- بلند. وڌيڪ.

مَٽَ، مَٽِ: ث. بَدل- تبديلي.

مَٽُ: ظ. برابر- جيڏو. مِثل. هڪ جهڙو. هڪ جيترو. جوڙجيسُ. ثاني. عيوض- بدلي.

مَٽ هجڻ: برابر هجڻ. ثاني هجڻ. لهڪي اچڻ.

مَٽُ: ذ. پاڻي رکڻ لاءِ ٺڪر يا ٽامي وغيره جو ٺهيل وڏو ٿانءُ.

مِٽَ، مِٽُ: ث. ڳل- رخسار.

مِٽون ڦوڪڻ: ڳل سُڄائڻ- ڪاوڙجڻ.

مِٽُ: ذ (سن. مِتر) مائٽ- عزيز- رشتيدار- سڱيڻو. دوست. (ص) پنهنجو- ويجهو- سڳو.

مُٽُ (مُتر): ذ (سن. مُوتر) پيشاب- ناڙاچوڙ- ريلو.

مُٽ اورانگهڻ: (طنز) جرات ٿيڻ.

مُٽ مُٽڻ: ڊپ کان پيشاب نڪرڻ. ڊڄڻ- خوف کائڻ. ڪَن هڻڻ.

مُٽِ مُٽِ: ث. برسات جي بُوند بوند- ڦڙو ڦڙو.

مَٽا سَٽا: ث. بدل سدل- واري ڦيري. ڏي وٺ.

مٽا سٽا ڪرڻ: بدل سدل ڪرڻ. هڪڙي شيءِ ڏيئي ٻي وٺڻ.

مُٽانگو: ذ. مُٽ هاڻو. وچالو. مٽانو.

مَٽائڻُ: مر. بدلائڻ- مٽاسٽا ڪرڻ. پچائڻ (ريبو).

مِٽائڻُ: مر. ڊاهڻ. تباه ڪرڻ. ميسارڻ. نابود ڪرڻ.

مُٽائڻُ: مر. پيشاب ڪرائڻ (ٻار يا بيمار کي).

مَٽجَڻُ: مر. بدلجڻ. تبديل ٿيڻ. ڪاوڙجڻ. ضد ڪرڻ. ريبو ڪليو ٿيڻ (ريزگاري ٿيڻ).

مِٽجَڻُ: مر. ڊهڻ. تباه ٿيڻ. ميسارجڻ.

مَٽَرُ: ذ. اناج جو هڪ قسم (جنهن جي وَلِ ٿئي ۽ ان جي ڦرين ۾ داڻا ٿين. جن کي ڏري دال ٺاهين).

مَٽُرُ: ذ. هڪ قسم جي اناج جو داڻو. چوڀائي جي ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ جي چڙي.

مَٽَري: ث. مٽرن جون ڦريون- ڏنڙي.

مِٽڪڻُ: مر. ناز سان هلڻ- لاڏ سان هلڻ.

مَٽڪو: ذ. ننڍو مَٽُ.

مُٽڪو: ذ. ڪاغذن جو بنڊل. (ص) ٻُٽ ۾ پريل- متارو. ٽلهو پٽر.

مَٽڻُ: مر. لنگهڻ- گذرڻ- لنگهي وڃڻ- اُڪرڻ. بدلڻ- ڪُليو ڪرڻ (ريبو). ڪاوڙجڻ- چڙڻ.

مَٽي وڃڻ: لنگهي وڃڻ- گذري وڃڻ.

مِٽڻُ: مر. ڊهڻ. ميسارجڻ. تباه ٿيڻ. ڦٽڻ.

مُٽڻُ: مر (سن. مُوتر) پيشاب ڪرڻ- ريلو ڪرڻ.

مُٽڻو: ص. ذري ذري پيشاب ڪندڙ. ڊڄڻو- بزدل. (ث. مُٽڻي).

مُٽو: ذ. يڪو (بنڊل. رقم. مُلهه). ڪاغذن جو ٿهو. ٽيڪو- مقاطعو.

مَٽي: ث. ننڍو مَٽُ. درگاه يا مڪان تي رکيل مَٽُ.

مِٽي: ث. خاڪ- ڌوڙ. رک. زمين- ڌرتي. خمير- سرشت. مائٽي- عزازت. سڱ سڱاوتي.

مِٽي ٿيڻ: خاڪ ٿيڻ- ڌوڙ ٿيڻ. برباد ٿيڻ.

مِٽي مردار ٿيڻ: خوار خراب ٿيڻ. دربدر ٿيڻ. بدنام ٿيڻ.

مِٽي چاڙهڻ: ٽولهه ڪرڻ. بدن جو ماس وڌڻ.

مِٽي ڪرڻ: ڌوڙ ڪرڻ. ڦٽائڻ- تباه ڪرڻ. ساڙي

رڪ ڪرڻ.

مِٺي ۽ ملائڻ: ث. برباد ڪرڻ- تباه ڪرڻ. دفن ڪرڻ.

مِٺي ماٺِتي: ث. عزازت- رشتيداري. سڱاوتي.

مِٺي ڪٽ: ث. هڪ قسم جو پسارڪو وکر.

مَٽُ: ذ. خام ڌاتو- ڪچو ڌاتو. سون چاندي ۽ پيل تامو وغيره- ٿيٽ- جوڙو. ميل- ڪَس. جهوپڙي. هندو فقيرن جي جهوپڙي. ڌرمي اسڪول- پانشالا.

مَٺِ گهُرو: ذ. بدخواه- بُرائي چاهيندڙ- بدنيت. (ث. مٺ گهرُي).

مِٺِ: ث. مٺاڻ- شيريني. مٺاڻ جو احساس.

مِٺ زبانو: ص. مِٺڙو ڳالهائيندڙ- شيرين گفتار.

مِٺ لُونو: ص. گهٽ لوڻ وارو- قدري ڦڪو.

مِٺ محبّت: ث. قرب- پيار. پيار وارو سلوڪ.

مُٺِ: ث. مُڪَ- مُشت. پيڙيل هٿ. هڪ هٿ ۾ آيل اناج وغيره. مٺ ۾ آيل گاه جو مُچو. مٺيو- دستو- ڳنُ.

مُٺِ پيڙ: ص. ڪنجوس- شوم- مرچُوٺ.

مُٺ پيڙڻ: ڪنجوسي ڪرڻ.

مُٺ هڻڻ: مشتزني ڪرڻ.

مُٺِ ۾ اچڻ: قابو ٿيڻ- وس ۾ اچڻ. قبضي ۾ اچڻ.

مُٺيون پري ڏيڻ: فراخ دلي سان ڏيڻ. سخاوت ڪرڻ. بي حساب ڏيڻ.

مِٺاڻ، مِٺاڻُ: ذ. مِٺاڄ- شيريني- حلاوت. مِٺو سواد. کنڊ. ڳُڙ وغيره. مٺائي.

مِٺاڄجڻُ: م. مٺاڻ جو سواد وٺڻ. مٺاڻ تي هِري پوڻ. هِرڻ.

مِٺائي: ث. حلوائي جون ٺاهيل مٺيون چيزون (حلوو، لڏون، مائو وغيره).

مِٺائي ورهائڻ: اميد پوري ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ ڪا مٺي شيءِ تقسيم ڪرڻ.

مِٺڙو: ص. مِٺو- شيرين. پيارو. دل گهريو. (ث. مِٺڙي).

مِٺڙي: ث. مِٺي- چُمي. جوئر جو هڪ قسم.

مُٺڙيو: ذ. مِٺي، اٽي، چيٽي، رڌل ساڳ وغيره جو پيڙو.

مُٺڙيون: ث. ٿڪ لاهڻ لاءِ جسم تي آهستي آهستي هٿيل مُڪڙيون.

مِٺُڻُ: ص. مِٺڙو- پيارو- ڊولڻ.

مَٺو: ص. ڪچو- خام. خراب- بُرو. ڪوٽو- ڪُوڙو (ڌاتو، سڪو وغيره)، ٿيٽ پيل سونُ. (ث. مَٺي).

مَٺو گهُرڻ: گهٽ ڀانئڻ. ڏڪارڻ. بدخواهي ڪرڻ.

مِٺو: ص. شيرين. لذيذ. (ث. مِٺي).

مِٺو پَٽُ: ذ. ڳُڙ يا کنڊ جي چاش ۾ رڌل پٽ- ٿهري.

مِٺو تيلُ: ذ. سَرنهه جو تيل.

مِٺي ڇُري: ث. ظاهر ۾ دوست پر اندر ۾ دشمن.

مِٺوُ: ذ. طوطو- ڇَتُون. (ص) شيرين گفتار- مِٺو ٻوليندڙ. پيارو- دلبر.

مُٺو: ص. مُنڊل- موڙهل. اڙيو- ڦاٿو. ورتل- ڪڪ- بيزار. خفي. مصيبت ۾ پيل. ڏڪارو. ندورو- نياڳو. (ث. مُٺي).

مِٺي: ث. چُمي- سَڪَر- مٺڙي. ذائقي ۾ مِٺاڻ واري.

مِٺي ڪالي: ث. هڪ قسم جو پسارڪو وکر.

مَٺيان: ث. ڪاوڙ- چڙ- غصو. خار. سُوگ. ٻُجهان- ڏڪار.

مَٺيان لڳڻ: ڪاوڙ لڳڻ. چڙڻ. ٻُجهان ٿيڻ.

مُٺيو: ذ. ڪنهن اوزار جو مُٺ ۾ جهلڻ وارو حصو- هٿيو- ڳنُ- دستو. جنڊ جو هٿيو. هَرِ جو هٿيو. چيٽي، مٺي وغيره جو هٿ ۾ اچڻ جهڙو پنوڙو- مُٺڙيو.

مِثالُ: ذ (ع) نظير- تمثيل. مشابهت. نمونو. ڪهاوت- چوٽي.

مِثالي: ص. نموني جهڙو. مانند.

مَثانو، ذ (ع) جسم جو هڪ حصو- نهائين- مُثانگو.
مُثبَت، ص (ع) جنهن ۾ انڪار نہ هجي. جنهن ۾ ڪم جو ثبوت هجي. تصديق ڪيل- لکيل. مقرر ٿيل. ثابت ٿيل.
مِثل، ذ (ع. مَثَل) چوڻي- پهاڪو. نقل.
مِثلِ، ظ (ع) جهڙو- جيئن- وانگيان- مانند. مشابہ.
مَثلا، ظ (ع) جيئن تہ- جهڙيءَ طرح.
مُثلث، ذ (ع) ٽِڪُنبو.
مُثمن، ذ (ع) اٺ ڪنبو- هشت پهلو. اٺن مصراعن وارو بَند.
مُثنيٰ، ص (ع) ٻيڻو- ٻِٽو. ٻہ ٽُڪر. (ث) نقل. ٻيو نقل.
مَثنوِي، ث (ع) خاص وَزن واري طويل نظم جو هڪ قسم (جنهن جي هر شعر جو قافيو جدا ٿئي. مثنوي عام طور ستن بحرن ۾ چئي وئي آهي).
مَڀ، ذ. وَجههُ- داءُ- موقعو. بلو. حيلو.
مُجادَلو، ذ (ع) لڙائي- جنگ. جهيڙو- تڪرار.
مَجاز، ص (ع) اختيار ڏنل- جائز.
مَجازُ، ذ (ع) جنهن جي اصليت نہ هجي. حقيقت جي اُبتڙ. حقيقي کان سواءِ استعمال ڪيل ٻي معنيٰ (جئن اک اصل ۾ چشم آهي، پر مجازي معنيٰ نظر، دوراندیشي وغيره).
مَجازا، ظ (ع) فرض ڪري ورتل، قانونا.
مَجازِي، ص (ع) فرضي- غيرحقيقي. مصنوعي- بناوٽي.
مِجازُ، ذ. مزاج- خاصيت. وڏائي. نخرو.
مَجالَ، ث (ع) طاقت- وس- اختيار. پهچ- رسائي- پڄندي.
مَجالِس، ث (ع) 'مجلس' جو جمع.
مُجامِعَت، ث (ع) جماع- همبستري.

مُجاوَرُ، ذ (ع. مجاوِر) ڪنهن درگاه يا مزار جو سنڀاليندڙ ۽ ٻهاري وغيره ڪندڙ.
مُجاهِدُ، ذ (ع) ڪوشش ڪندڙ. ڪافرن سان جهاد ڪندڙ.
مُجاهِدو، ذ (ع) ڪوشش. رياضت- نفس ڪُشي. ڪافرن سان لڙائي- جهاد.
مُجاهِدِين، ذ (ع) 'مجاهد' جو جمع.
مَجبُورُ، ص (ع) لاچار- بيوس- عاجز.
مَجبُورا، ظ. لاچاري حالت ۾- بيوسيءَ ۾.
مَجبور ڪرڻ، لاچار ڪرڻ- بيوس ڪرڻ. ستائڻ- تنگ ڪرڻ.
مَجبُوري، ث. عاجزي- بيوس- لاچاري.
مُجتَمع، ص (ع) گڏ ٿيل- جمع ٿيل.
مُجتَهِد، ص (ع) ڪوشش ڪندڙ- جدوجهد ڪندڙ. صحيح راه پيدا ڪندڙ. منڪرن سان جهاد ڪندڙ. ڪتاب الاهي ۽ سُنت جي حوالن سان مذهبي مسئلا نيصلا ڪندڙ. (ذ) 'شيعن' جو فقيه.
مُجَدَد، ص (ع) نئين سر پيدا ڪيل- نئون ڪيل. نئون- جديد.
مُجدِد، ص (ع) تجديد ڪندڙ. پراڻي کي نئون ڪندڙ.
مَجذوبُ، ص (ع) جذب ڪيل- ڇڪيل. خدا جي محبت ۾ غرق. مست. بيهوش. چَريو.
مُجرا، ص (ع) جاري ڪيل. وَهندڙ. حساب ۾ آندل. (ذ) ادائگي (رقم جي).
مُجرا ڏيڻ، حساب ۾ لڳائڻ. ادائگي ڪرڻ.
مُجرائي، ث. ادائگي (رقم جي).
مُجرائي ڏيڻ، ڇُوٽ ڏيڻ. رهيل رقم جو حساب ڏيڻ.
مُجَرب، ص (ع) تجربو ڪيل- آزمايل. ڪارگر- مؤثر- اثرائتو.

مُجَرّد: ص (ع) اڪيلو- ڇڙو. ڪنوارو. آزاد. تارڪ الدنيا.
مُجرِمُ: ص (ع) ڏوهاري- قصور وار- گهنگار- ڏوهي.
مُجرو: ذ (ع) ادب سان سلام. ناچ ڳاني جي محفل. ناچ ڳانو. مجرو. (ذ) (سنڌي) انعام. شاباس. (سنڌي اصطلاح) مجرو اٿئي= شاباس اٿئي! واه واه سَرسي ڪئي اٿئي!
مجرو پرڻ: سلام پرڻ. محفل ۾ ناچ ڪرڻ.
مَجرُوح: ص (ع) زخمي- گهايل- قتيل.
مُجَسِم: ص (ع) جسم وارو. ڳرو. ٿلهو.
مُجَسِمو: ذ (ع) بُت- بوتو- صنم. بدن- جسم.
مُجَلاّ: ص (ع) چمڪايل- صاف ڪيل.
مُجَلد: ص (ع) جِلد چڙهيل.
مَجلِس: ث (ع) ويهڻ جي جاءِ- بيٺڪ. ڪچهري. بزم- سَڀا. ڪائونسل. ڪانفرس. شهداءِ ڪربلا جي ماتم جي مجلس.
مَجلِس شُوريٰ: ث. انتظام لاءِ صلاح مصلحت ڪندڙ جماعت.
مجلس ڪرڻ: رهاڻ ڪرڻ- ڪچهري ڪرڻ. دعوت ڪرڻ. محفل ڪرڻ.
مَجلِسي: ص. صحبتي. ڪچهريءَ ۾ وهندڙ- ساٿاري.
مَجمَعُ: ذ (ع) انبوهه- پيڙ- هجوم.
مُجمَل: ص (ع) مجموعي طور. اختصار- تَتُ.
مَجمُوعُو: ذ (ع) ذخيرو. ڪُليات. ميڙ- هجوم.
مَجمُوعي: ص. جملي- سڀ.
مَجنُون: ص (ع) چريو- ديوانو. عاشق.
مُجَوَزِ: ص (ع) تجويز ڪيل- رٿيل.
مَجُوس: ذ (ع) آتش پرست- گبر. زردشت جو پوئلڳ.
مَجُوسي: ص. آتش پرست- گبر- مجوس.
مَجهُولُ: ص (ع) اڻ ڄاتل- غير معروف. سُست. ڪاهل- نڪمو. بيوقوف.
مُجِيبُ: ص (ع) سڏ اونائيندڙ. قبول ڪندڙ. خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
مُجِيبُ الدعوات: ذ. دعائون يا عرض قبول ڪندڙ- خداتعاليٰ.
مجيجي: ص. ننڍي هوندي کان واقف. عيبن ثوابن کان واقف. گهاٽل ماٽل. حال ياٺي. حال محرم- رازدار.
مُجيري: ص (ع. مُجير) زمين جو مالڪ. نار يا هُرلي جو ڌڻي. زميندار.
مَڃُو: ص. آرسي- ٽوٽي. ڪم چور. زال جو مطيع- زن مريد. گيدي- بي همت.
مُڃ (ث)، مُڃُ: ذ. سر جي ڪانن جون ڪَلون (جن کي ڪُٽي سٽي واڻ ناهجي). گاهه جو هڪ قسم. مڃي پلي جي سنهن ڪنڊن وارو حصو.
مُڃ ڪرڻ: ذريون ذريون ڪرڻ. ماري ڪُٽي ناس ڪرڻ.
مَڃائڻُ: م. قبول ڪرائڻ- هائوڪار ڪرائڻ.
مڃائي ڇڏڻ: قبول ڪرائڻ. مطيع ڪرڻ.
مَڃتا: ث. مڃڻ جي حالت. قبوليت. اقرار. اعتقاد. فرمانبرداري. اطاعت.
مَڃِٽُ: ث. هڪ قسم جو پسارڪو وکر.
مَڃَرُ: ذ. ڪَنڊي وڻ جو ٻور يا گُل.
مَڃَڻُ: م. قبولڻ. قبول ڪرڻ. ٻاسڻ- اقرار ڪرڻ. وسهڻ- اعتبار ڪرڻ. اطاعت ڪرڻ. تسليم ڪرڻ. قائل ٿيڻ. راضي ٿيڻ. تابع ٿيڻ. اعتقاد رکڻ. بجا آڻڻ (حڪم).
مَڃڻ جوڳو: ص. قابل اعتبار.
مَڃُ: ذ. وڏي ٻاهه- گهڻي ٻاهه. پيڙ ڪري ٻرندڙ وڏي ٻاهه. ٻاهه جو آڙاهه.
مَڃُ مچائڻ: وڏي ٻاهه ٻارڻ.

مَڇُ؛ ذ. مُٺ ۾ آيل گاهه وغيره جو انداز- مُچو. توري انداز ۾ ماڻهن جو ميڙ. مُٺ ۾ آيل وارن جي چڳ.

مَچائِڻُ؛ م. برپا ڪرڻ. وڌائڻ- زور وٺائڻ. رچائڻ. پڙڪائڻ. دڪائڻ- ٻارڻ (باھ).

مُچُرڪو. مُچُلڪو؛ ذ (ترڪي) جوابدار طرفان ڪنهن ڪم نہ ڪرڻ جو اقرار نامو. قبوليت. ٿورن ماڻهن جو ميڙ.

مِچڪائڻ؛ م. چنيڻ (اکيون). جلدي جلدي اکيون چنيڻ. هلائڻ (وات). ڪائڻ وقت وات مان مچ مچ جو آواز ڪڍڻ. آهستي آهستي کائڻ.

مِچَڪڻُ؛ م. آهستي آهستي روئڻ. چنيڻ (اکيون).

مَچِلو؛ ص. انگلي- نخريلو. لاڏلو. ريجالو. چلولو.

مَچَڻُ؛ م. وڌڻ. ٿلهو ٿيڻ. پڙڪڻ- ڏڳڻ. دکڻ (باھ). جوش کائڻ.

مَچِي مڙس ٿيڻ؛ بالغ ٿيڻ. جوان ٿيڻ. پنهنجيءَ وارو ٿيڻ.

مُچو؛ ذ. ٽنڊڻ يا وارن جو مُڇ. مُٺ ۾ آيل سُٽُ جو ويڙهو.

مَچَ؛ ذ. وڏي مَڇي.

مُچَ؛ ث. مٽيءَ جي چَپَ جا وار- شهپر.

مُڇر؛ ص. وڏين مُڇن وارو.

مُڇون پٽڻ؛ سخت سيڪت ڏيڻ.

مُڇون وٽڻ؛ فخر ڪرڻ.

مُڇائِڻُ؛ م. ڪپائڻ- وڍائڻ. وڍي ڌار ڪرڻ. مُچو ڏيڻ.

مَڇَرُ؛ ذ. هڪ قسم جو مشهور اڏامندڙ جيت (جيڪو ماڻهن ۽ جانورن جو رت پئي. مڇر جي چڪ مان مليريا ٿئي).

مَڇرداني؛ ث. مڇرن کان بچاءَ لاءِ جاري- مَهاري.

مَڇرجَڻُ. مَڇرَڻُ؛ م. سخت ڪاوڙ ۾ اچڻ. ڪاوڙ ۾ هوش وڃائڻ. ضد تي چڙهڻ.

مَڇِلي؛ ث. سنهي مڇي. ڳهه جي جهالر ۾ لڳل مڇيءَ جهڙو ڦرو. ناچو عورت. رنڊي- فاحشه.

مَڇُڻ؛ ظ. مٿان.

مُڇَڻُ؛ م. ڪاٺيءَ وغيره کي وَڍڻ- ڪپڻ. وڍڻ جو سنڌو وجهڻ- ٽڪو ڏيڻ. ٿلهي ڪاٺي کي چلّ ڏيڻ.

مُڇو؛ ذ. ڪاٺيءَ جو وڍيل ٽڪر. وڻ ۾ ڏنل وڍ جو نشان. ڪَپُ- ٽڪو.

مُڇو ڏيڻ؛ وڍي جدا ڪرڻ. وَڍ جو نشان ڏيڻ- ڪَپُ ڪرڻ.

مُڇُو؛ ص. وڏين مُڇن وارو.

مَڇُونو. مُڇُنو؛ ذ. هڪ قسم جي ننڍي ٻيڙي (وڻ جي ٻڪي ڏار مان ٺهيل، جنهن ۾ فقط هڪ يا ٻہ ماڻهو ويهي سگهن).

مَڇِي؛ ث. مشهور آبي ساهوارو- ماهي.

مڇي مانِي؛ ث. خوشحالي- آسودگي.

مڇيءَ مان ڪنڊا ڪڍڻ؛ عيب جوئي ڪرڻ. وڏون ڪڍڻ. اوٺايون بيان ڪرڻ.

مُڇِي؛ ث. گهوڙي جو هڪ سنج (چم جي وڌي يا سٽ جو ڏورو جيڪو لغام ۾ ٻڌجي)- سَرواڳ.

مَڇِي ڪَنڊِڙو؛ ذ. ڀرت يا ٽوپي جو هڪ نمونو.

مُحابو؛ ذ (ع) رعايت. مروت- لحاظ. طرفداري- حمايت.

مَحاذُ؛ ظ (ع. مُحاذ) سامهون- مقابل.

محاذ آرائي؛ ث. مقابلو- جنگ- ويڙهہ.

مُحاسِبُ؛ ص (ع) حساب وٺندڙ- جاچ ڪندڙ. حساب ڪتاب جو ڄاڻو.

مُحاسَبو؛ ذ. حساب- ليکو. ڳڻپ. حساب ڪتاب بابت پڇا ڳاڇا.

محاسبو ڪرڻ؛ حساب ڪتاب گهرڻ. باز پرس ڪرڻ.

مَحاسِن؛ ذ (ع) خوبيون- چڱايون- نيڪيون. فائدا.

مُحاصِره؛ ذ (ع) گهيرو- ناڪابندي. چوطرف قابو ڪرڻ.

مَحافو؛ ذ (ع. مُحافہ) پردي واري سواري (بادشاهن ۽

عورتن لاءِ)- ڏولي.

مُحافِظُ: ص (ع) حفاظت ڪندڙ- راکو- نگهبان، نگران، چوڪيدار، مالڪ، سرپرست.

مُحاڪات: ذ (ع) پاڻ ۾ حڪايتون- گفتگو- ڳالهه ٻولهه، ملاقات، نقل- أتارو.

مَحالُ: ذ (ع) اها ڪوهستاني ايراضي جنهن ۾ گهڻيون ڀَٽيون هجن ۽ ان تي يَڪ جدا مقرر ٿئي.

محالڪاري: ذ. 'محال' ايراضي جي آنيس، ڍل وصول ڪرڻ جي جاءِ.

مُحال: ظ (ع) ڏکيو- مشڪل، ناممڪن- اڻ ٿيڻي.

مُحاوِرو: ذ (ع) اهو جملو يا گفتو جيڪو لفظي معنيٰ جي بدران ٻي معنيٰ ۾ ڪم اچي، روزمره جي ٻولي، گفتگو، مشق- استعمال- آزمودو.

مُحِبُّ: ذ (ع، مُحِب) محبت ڪندڙ- دوست- يار، دلبر- سپرين، عاشق.

مَحَبت: ث (ع) پيار- قرب- الفت- پريت، عشق، لَنُون، دوستي- ياري.

محبت ڪرڻ: قرب ڪرڻ- پيار ڪرڻ، عشق ڪرڻ.

محبت نامو: ذ. قرب وارو خط، چٺي.

مَحبّتِي: ص. پيار ڪندڙ- پيارو، قربدار- قرباڻتو.

مَحبُوبُ: ص (ع) دلدار- پيارو- محب، معشوق.

مَحبُوبه: ث. پياري، معشوق.

مَحبُوس: ص (ع) قيد ڪيل، قيدي- اسير.

مُحتاجُ: ص (ع) گهرجائو- ضرورتمند، طلبگار، غريب- مفلس، فقير- پينو، سُوالي، معذور (ڪنهن عضوي کان).

مُحتاجي: ث. گهرج- ضروت، لاچاري- مجبوري، غربت- تنگدستي.

مُحتاطُ: ص (ع) احتياط رکندڙ- خبردار- چوڪس.

مُحتَرمُ: ص (ع) عزت ڪيل، عزت وارو- معزز- بزرگ.

مُحتَسِبُ: ص (ع) حساب وٺندڙ، شريعت جي خلاف ڪمن کان منع ڪندڙ حاڪم.

مَحجُوبُ: ص (ع) پڙدي ۾ لڪل- مخفي، شرميلو- لڄارو.

مُحَدِثُ: ص (ع) حديث جو علم ڄاڻندڙ.

مَحدُود: ظ (ع) حدبندي ڪيل- روڪيل، گهيري ۾ آيل.

مَحذُوف: ص (ع) ڪيرايل، جدا ڪيل- الڳ ڪيل (حرف)، شاعريءَ جي اصطلاح موجب رُڪن مان حرف ڪيرايل يا گهٽايل.

مِحرابُ: ذ (ع) مسجد ۾ قبلي طرف کُٻ نڪتل جاءِ (جنهن ۾ بيهي پيش امام نماز پڙهائي)، دروازي جي ڪمان، نمازيءَ جي پيشاني وارو ڪارو داغ.

مُحَرِرُ: ص (ع) لکندڙ- ڪاتب، منشي.

مُحَرِڪُ: ص (ع) حرڪت ڏيندڙ- چوريندڙ، اُڀاريندڙ.

مَحَرمُ: ص (ع) رازدار- همراز، جاني سڄڻ، اهو ماڻهو جنهن سان مُنهن لڪائڻ جائز هجي (جيئن ڀير، سؤٽ وغيره).

مُحَرَمُ: ص (ع) حرام ڪيل- ممنوع. (ذ) هجري سال جو پهريون مهينو، محرم مهيني جو پهريون ڏهو (جنهن ۾ حضرت امام حسين جي شهادت ٿي انهيءَ ڪري شيعا اهي ڏينهن ماتم ڪن).

مَحرُومُ: ص (ع) روڪيل، منع ڪيل، مايوس- ناڪام، نااميد.

مَحرومي: ث. مايوسي- ناڪامي، نااميدي.

مَحزُون: ص (ع) غمگين- رنجيده- ڏکويل، ملول.

مُحسِنُ: ص (ع) احسان ڪندڙ- ڀلائي ڪندڙ، مهربان.

مُحسن ڪُشُ: ص. احسان ڪندڙ سان برائي وارو سلوڪ ڪندڙ- ڀلائيءَ جو بدلو برائي ۾ ڏيندڙ.

مَحسُوسُ: ص (ع) ڪنهن حواس ذريعي ڄاتل.

سهي ڪيل.

محسوس ڪرڻ: معلوم ڪرڻ- سهي ڪرڻ. سمجهڻ.

مَحشَرُ: ذ (ع) مائهن جي گڏ ٿيڻ جي جاءِ (آخرت ۾). قيامت جو ڏينهن. هنگامو. روج راڙو. نفسانفسي.

مَحصُورُ: ص (ع) گهيريل- گهيري ۾ آيل. وڪوڙيل. قيد.

مَحصُولُ: ذ (ع) حاصل ڪيل- وصول ڪيل. پل. ناڪو. ٽيڪس.

مَحَضُ: ص (ع) خالص- نج. (ظ) فقط- بلڪل- رڳو.

مَحضَر: ذ (ع) حاضر ٿيڻ جي جاءِ. قاضي جي مهر لڳل ڪاغذ.

مَحضر نامو: ذ. عرضداشت. لکيت ۾ عرض.

محظوظ: ص (ع) خوش- مسرور. لطف اندوز.

مَحفِل: ث (ع) مجلس- ڪچهري- رهاڻ. انجمن- سڀا.

محفل ڪرڻ: ڪچهري ڪرڻ- رهاڻ ڪرڻ. خوشيءَ جي دعوت ڪرڻ.

مَحفُوظُ: ص (ع) حفاظت ڪيل- بچايل- سنڀاليل. سوگهو- قابو- بلائتو. هٿيڪو- سلامت. صحيح سلامت.

مُحَقِقُ: ص (ع) تحقيق ڪندڙ. ڪنهن مسئلي کي ثابت ڪندڙ.

مُحڪمُ: ص (ع) پڪو- مضبوط- پائدار.

مُحڪمو: ذ (ع) ڪورٽ- عدالت. کاتو- شعبو.

مَحڪوم: ص (ع) ماتحت- هٺ هيٺ. تابع. رعيت.

مَحَلُ: ذ (ع) ٺڪالو- جاءِ- ماڳ. وڏي جاءِ. بادشاه يا امير جو گهر- قصر- حويلي.

مَحلاتُ: ذ (ع) "محل" جو جمع. بادشاهي جايون. قصر.

مَحل سَراءِ: ث. حرم سراءِ- حويلي.

مَحلو: ذ (ع) شهر جو هڪ حصو- پاڙو.

مَحلولُ: ص (ع) حل ٿيل- ڳريل. پاڻيٺ.

مُحمّدُ: ص (ع) ساراهيل- تعريف ڪيل- واکاڻيل. (ذ) حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جو اسم مبارڪ.

مَحمِلُ: ذ (ع) اٺ تي ڪڙهڻ جي ڏولي (سواريءَ لاءِ)- ڪجاوو. پالڪي.

مِحنَتَ: ث (ع) پورهيو. ڪشالو- جاکوڙ. ڪوشش. تڪليف- ڪشٽ. مزوري.

محنتاڻو: ذ. پورهيي جو اُجورو. مزوري.

محنت ڪَش: ص. پورهيت- جفاڪش.

محنت مزوري: ث. پورهيو ڪارهيو.

محنَتِي: ص. پورهيت. جفاڪش.

مَحوُ: ظ (ع) ڊٺل- زائل. گم- غرق (خيالن ۾). حيران.

مَحو ٿيڻ: خيالن ۾ غرق ٿيڻ. حل ٿيڻ (پاڻيٺ وغيره ۾).

مَحوَرُ: ذ (ع. مِحور) سَرائي (جنهن ۾ ڦيٿو ڦري)- ڌُري. وچ واري خيال سرائي جنهن تي ڪوبه سيارو ڦرندو رهي.

مَحويّتَ: ث (ع) گم ٿيڻ جي حالت (ڪنهن خيال ۾). حيراني.

مُحيُ: ص (ع) مخلوق کي جيارينڌڙ. خداتعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

مُحَيرُ: ص (ع) حيرت ۾ وجهندڙ- حيران ڪندڙ.

مُحَيرالعُقُول: ص. عقل کي حيران ڪندڙ- عقل چرخ ڪندڙ. عجيب.

مُحيطُ: ص (ع) گهيريندڙ. دريا. دائرو- گهيرو- گول.

مُخادِمُ: ذ (ع) ملازم- نوڪرچاڪر. ٻنيءَ جو مالڪ (جيڪو ٻني کان فصل آباد ڪرائي ۽ ان کي حصو ڏئي). هاري- ڪڙمي.

مُخادمِي: ث. ملازمت. ڪڙمت- هارپ.

مُخاديم: ذ (ع) "مخدوم" جو جمع- بزرگ- پلارا.

مُخاصِمَت، ث (ع) دشمني- وير- عداوت.
مُخاطِبُ، ص (ع) روبرو ڳالهائيندڙ- گفتگو ڪندڙ.
مُخاطِبُ ٿيڻ، ڳالهائڻ. چوڻ.
مُخالِفُ، ص (ع) برخلاف- اُبتڙ. دشمن- ويري.
مُخالِفَت، ث. دشمني- عداوت. اختلاف.
مُخبِرُ، ص (ع) خبر ڏيندڙ. جاسوس- چاري.
مُخبِري، ث. جاسوسي.
مُخبو، ذ (ع) ڍڪ وارو ٿانءُ (ٿالهي، پيالو)- ڍاڪُون.
مَخبُوطُ، ص (ع) چريو- ديوانو. بدحواس.
مَخبُوط الحواس، ص. بدحواس. واٽڙو.
مُختارُ، ص (ع) اختيار ڌنل- بااختيار. مکياري. آزاد. روءِ سوءِ.
مختار نامو، ذ. اها لکيت جنهن جي ذريعي ڪنهن کي ڪم ڪار جي اجازت ڏنل هجي.
مُختاري، ث. سربراهي. اجازت- اختيار. مکياري.
مُختَص، ص (ع) خاص. منتخب- چُونديل.
مُختَصَر، ذ (ع) خُلاصو- تت- اختصار. انتخاب. (ص) ننديو- گهٽايل.
مختصر نويسي، ث. شارٽ هئنڊ- ڇوٽ اکري.
مُختَلِف، ص (ع) جدا- ٻيءَ طرح- علحدو. ٻئي نموني جو.
مُختيارڪارُ، ذ (ع) روينيو کاتي جو هڪ عملدار. تعلقي جو سربراه.
مختيارڪاري، ث. مختيارڪار جي آفيس. تعلقي آفيس.
مَخدُوش، ص (ع) خدشي وارو. وسوسي وارو. انديشي وارو.
مَخدُومُ، ص (ع) خدمت ڪيل. تعظيم لائق. آقا- مالڪ. بزرگ.
مَخرِجُ، ذ (ع) نڪرڻ جو هنڌ- نيڪال جي جاءِ. لنگهه. 'اُچار' ڪڍڻ جو هنڌ.
مَخرُوط. مخروُطي، ص (ع) ڏاند ٻُچي (ڪاني وغيره). ٻول مثل ڪا شيءِ، گاوُدُم.
مَخزَن، ث (ع) جمع ڪرڻ جي جاءِ. ذخيرو- گدام. مختلف مضمونن وارو رسالو.
مَخصُوص، ص (ع) خاص ڪيل- چونديل. خاص- علحدو.
مَخطُوط، ذ (ع) لکيل ڪتاب. قلمي ڪتاب.
مُخَفف، ص (ع) گهٽايل- ڇانٽيل- ڇانگيل. گهٽ ڪيل- ننڍو ڪيل.
مَخفِي، ص (ع) لِڪل- پوشيدو- ڳُجهو- خفيہ.
مُخِلُ، ص (ع) خلل وجهندڙ. فسادي- فتنہ انگيز. اٽڪاءُ ڪندڙ.
مُخلِصُ، ص (ع) سچو- باوفا.
مُخلِصي، ث. سچائي- صدق. ڇوٽڪارو- نجات- آجائي (بند مان).
مَخلُوط، ظ (ع) گڏوچڙ- گاڏڙ.
مخلُوط النَسلُ، ص. گڏوچڙ نسل جي پيدائش.
مَخلُوق، ص (ع) پيدا ڪيل. (ث) دنيا. ڪائنات. خلق. ساهوارا.
مَخلُوقات، ث (ع) مخلوق جو جمع. جيڪي شيون جهان ۾ آهن. دنيا.
مُخَمَسُ، ذ (ع) پنج ڪُنڊو. هرهڪ بند ۾ پنجن سٽن وارو نظم.
مَخمصہ، ذ (ع) ٿڌو- بکيڙو- تڪرار- ٽنٽو.
مَخمَل، ث (ع) هڪ قسم جو ريشمي نرم ڪپڙو- بخمل.
مَخمُور، ص (ع) مست (نشي ۾)- نشي ۾ چُور- مدهوش- متوالو.
مُخَنث، ذ (ع) ڪدڙو- هيجڙو. نامرد. خَصِي.

مَخولُ، ذ. مسخري- ٺٺول بازي- چرچو گهبو.

مَخولبازِي، ث. ٺٺول- ٽوڪ بازي.

مُخَيِرُ، ص (ع) خيرات ڪندڙ. سخي. نيڪي ڪندڙ.

مَدُ، ث (ع) چڪَ- چاڙهہ. سمنڊ جي پاڻي جو چاڙهہ (جيڪو سمنڊ جي ڪشش سبب ٿئي)- ويڙ. 'الف' جي آواز کي ڊگهو اُچارڻ لاءِ مٿان ڏنل مَد جي نشاني. باب- ياڱو.

مَد شَد سان، ظ. گهڻي چٽائي سان. تفصيل سان.

مُدُ، ث. مُندَ- موسم.

مَداحُ، ث (ع) سنڌي ادب ۾ مدحيہ شعر يا ڪلام.

مَداحون پڙهائڻ، خوشامدون ڪرڻ. مٺيون ڳالهيون پڙهائي خوش ڪرڻ.

مَداحُ، ص (ع) تعريف ڪندڙ- ساراهيندڙ. ثناخوان.

مُداخَلتَ، ث (ع) دخل اندازي- دست اندازي. هٿ چراند.

مُداخلت ڪرڻ، وچ ۾ ٽپي پوڻ- ٽنگ اڙائڻ. رنڊڪ وجهڻ.

مَدارُ، ذ (ع) گردش واري جاءِ- ڦرڻ جو دائرو. سيارن جي گردش ڪرڻ وارو خيالي گهيرو. بنياد- آڌار. ذمو.

مَدارُ المُهامر، ذ. اهو ماڻهو جنهن تي ڪنهن محڪمي يا حڪومت جي ڪم ڪار جو ذمو هجي. اڳواڻ.

مَدارَتَ، ث (ع. مُدارة) خاطرداري- آڌرڀاءُ. آٿت- دلداري. مدد- همراهي.

مَدارِجَ، ذ (ع) درجا- رُتبا. ڏاڪا.

مَدارِسَ، ذ (ع) مدرسا- اسڪول.

مَدارِي، ص. هٿ نات ڪندڙ- ڪيڏباز. شعبده باز. بازيگر.

مُداقَت، ث (ع) روڪ- جَهل. بچاءُ.

مُدامُ، ظ (ع) هميشه- سدائين- نِتُ.

مُدامِي، ظ. هميشه ڪان- سدائين. قديمي- اڳاٽو.

مُداوا، ذ (ع) علاج- دوا. تدبير- حيلو- چارو.

مَدائِي، ث. خرابي. بدي- بُرائي- بڇڙائي. بدنيڪي. گلا. بدخواهي.

مُدَبِرُ، ص (ع) تدبير ڪندڙ- حيلو ڪندڙ. عقلمند- ڏاهو. مشير- صلاحڪار.

مُدَتَ، ث (ع) عرصو- وقت- زمانو. ڊگهو عرصو. ميعاد- مهلت.

مُدَت مَديد، ث. ڊگهو عرصو- تمام گهڻو زمانو.

مَدَحَ، ث (ع) تعريف- ساراهہ- واکاڻ. ڪنهن جي تعريف وارو نظم.

مَدح خِواني، مَدح سَرائي، ث. ساراهہ- تعريف- واکاڻ.

مَدَدَ، ث (ع) حمايت- سهائتا- امداد. واهر- همراهي. ٽيڪ. ڪُمڪَ (فوج کي). اُڌاري طور يا مدد ۾ ڏنل رقم.

مدد ڪرڻ، سهائتا ڪرڻ. حمايت ڪرڻ.

مددگارُ، ص. مدد ڪندڙ. حمايتي- ٻيلي.

مددگارِي، ث. مدد- واهر- سهائتا.

مَددُو، ص. مدد ۾ آيل ماڻهو.

مَدَدِي، ص. مدد ۾ آيل (سامان، ماڻهو، رقم وغيره).

مُدَرِسُ، ص (ع) پڙهائيندڙ- استاد- معلم.

مَدرِسو، ذ (ع) مڪتب- اسڪول- درسگاهہ.

مُدعا، ث (ع) مقصد- مراد- مطلب- غرض- خواهش.

مُدعا عليہ، ذ. جنهن تي فرياد ڪيل هجي- ٻي ڌُر.

مُدَعِي، ص (ع) دعويٰ ڪندڙ- دعويدار- فريادي. دشمن.

مَدَعُو، ص (ع) دعوت تي سڏيل.

مُدغَمُ، ص (ع) گڏ ڪرڻ- ملائڻ. اهي ساڳيا ٻہ حرف جن کي 'شد' سان گڏيو ويو هجي.

مَدفَن، ذ (ع) دفن ڪرڻ جي جاءِ- مڙدي کي پورڻ جي ڪَڏ. قبر.

مَدفُونُ، ص (ع) پوريل- دفن ڪيل. مخفي- لڪل.
مَدِ مُقابل، ص (ع) ياڳي پاڻيوار. مخالف.
مُدلِلُ، ص (ع) دليل سان ثابت ڪيل.
مَدَنُ، ذ. جاءِ جي ڇڇهري کي جهلي بيهندڙ ڪاٺي. انگاس جي ڇوٽڪ کي جهلڻ جي ڪاٺي.
مَدِنَظر، ث (ع) اها شيءِ جيڪا اکين اڳيان هجي- پيش نظر.
مَدَنِي، ص (ع) مديني پاڪ جو رهاڪو.
مَدو، ص. خراب- بُرو- بَد. گهٽ- مَندو (اگهه). بدخواهه. (ث. مَدِي).
مَدُو، ذ. گهوڙي کي پُنيءِ جو زخم. وهٽ جي ڇوٽڪ وارو تورو پوٺتي نڪتل حصو. اُٺ جي ڪنڌ ۾ توهي جي وچ وارو مٿيون پاسو.
مُدو، ذ (ع. مُدة) عرصو- ميعاد. مقرر وقت. انجام وارو ڪُڻ. (ع. مدعا) گهُرَ- طلب- تقاضا. تڪرار- ضد. عداوت- ويرُ.
مُدو وجهڻ، وقت يا ڪُڻ مقرر ڪرڻ. عداوت ڪرڻ- جهيڙو ڪرڻ. بحث ڪرڻ- تڪرار ڪرڻ.
مُدو جَڙو، ث. ويرَ جو لاهه چاڙهه.
مَدهوشُ، ص (ف) حيران- وائڙو- هڪو ٻڪو. بيهوش. متوالو. مخمور.
مَدهوشِي، ث. بيهوشي. مستي- خمار (نشي جو).
مَدِي، ث. بڇڙائي- خرابي. بَدِي. بدخواهي. دغا- ڪپٽ.
مَدِيد، ص (ع) پکڙيل- وسيع. ڊگهو- دراز.
مُدِيرُ، ذ (ع) اخبار جو ايڊيٽر.
مَدِينو، مَدِينَة، ذ (ع) شهر. عربستان جو مشهور شهر (نبي سڳوري جو شهر)- يثرب.
مَڌُ، ث (سن) ماکي. شراب- مَٽي- مَندُ.
مَڌُ، ص. موڳو. بي عقل- مورک. ڳهلو.
مَڌُر، ص (سن) مِٺو. رسيلو. مٺي سُر وارو.
مَڌَم، ظ (سن) آهستي- ڌيمو. هلڪو.
مَڌُ، ث. ڪانَڻ ڪانن جو تُرهو. سيلاب جي پاڻيءَ کان بچاءَ لاءِ اڏيل پيهو. رَڇَ کي مَٽي جهلڻ لاءِ ڪانن جو ٻڌل گڏو. ڪاٺين جي پري. ملڪيت- مُوڙي. سامان سڙو. ڪنوار کي مائٽن کان مليل وڳو.
مَڌُو، ص. هشيار جيڪو وهي نه سگهي- ڪُندُ- لَمو. ڪندنهر- موڳو.
مَڌِي، ث. گهر جو سامان- ٽپڙ ٽاڙي. مال ملڪيت- مُوڙي. درياءَ تي محصول وصول ڪرڻ جو ناڪو. درياءَ يا ڍنڍ جي ڪپ تي اڏيل لانڍي (جنهن ۾ پلو مڇي ماري گڏ ڪري رکن)- مِياڻ.
مِڊل، ص (انگ) وچون- وچولو.
مِڊل سڪول، ذ. اٺن درجن تائين تعليم وارو اسڪول.
مَذاقُ، ذ (ع) ذائقو- سَواد- لذت. مزاج جي پسندي. کِل ڀوڳ- مسخري.
مَذاقون ڪرڻ، خوش طبعي ڪرڻ. چرچا گهپا ڪرڻ.
مُذاڪرو، ذ (ع) پاڻ ۾ بحث- مباحثو. ڳالهه ٻولهه.
مَذاهِبُ، ذ (ع) 'مذهب' جو جمع.
مَذبحُ، ذ (ع) ذبح ڪرڻ جي جاءِ- ڪوس گهر.
مُذبذب، ص (ع) لڏڪيل- ٿڙڪيل. ڊانوانڊول- غيرمستقل. ٿِرڻو گهرڻو (مزاج)- ٻڌتر ۾.
مُذڪر، ذ (ع) نَرُ. گرامر موجب 'نر' جنس وارو.
مَذڪور، ص (ع) ذڪر ڪيل- بيان ڪيل. (ذ) ذڪر- بيان.
مَذمت، ث (ع) نندا- هجوَ- بُرائي.
مَذموم، ص (ع) خراب- بد. گلارو- خواري وارو.
مَذهَبُ، ذ (ع) رستو- راهه. طريقو. عقيدو. دِينُ.

مَذهَبِي؛ ص. شرعي- ديني.

مَرُ؛ ظ (ف) پَل- پَلي. شال. بيشڪ.

مَرُ؛ ث. جسم جو ميرُ (مٽي، سٽپ وغيره)- گرَ. ميل (ڪپڙي جو). ڪَسُ.

مَرُ لاهڻ؛ گِلا لاهڻ. اڇو اُجرو ٿيڻ. ٿورو لاهڻ.

مُرَ؛ ث. پسارڪي وکر جو هڪ قسم.

مَراتِبَ؛ ذ (ع) 'مرتبي' جو جمع. درجا- رُتبا.

مُراجِعَت؛ ث (ع) موٽ- واپسي.

مَراحِل؛ ذ (ع) 'مرحلہ' جو جمع. ڏاڪا. درجا.

مُرادَ؛ ث (ع) مطلب- غرض- مقصد- آرزو- خواهش. مرضي. باس- سکا.

مراد پوري ٿيڻ؛ دل جي خواهش پوري ٿيڻ. مطلب پورو ٿيڻ.

مُراد گهُرڻ؛ مقصد پوري ٿيڻ لاءِ دعا گهرڻ.

مُرادوَندِ؛ ص. خواهشمند. اميدوار. عرضدار. حاجتمند.

مُرادِي؛ ث. دڪاندار جي اکر ۾ سڃي ڏينهن جي گڏ ٿيل رقم. روڪڙ- نقدي.

مُراسِلَت؛ ث (ع) خط و ڪتابت. لکپڙهہ.

مُراسلو؛ ث (ع) خط- چٺي.

مَراسِم؛ ذ (ع) 'رسُوم' جو جمع. تعلقات.

مُراعات؛ ث (ع) رعايت- لحاظ- مروت.

مُراقبو؛ ذ (ع) تصور- ڌيان. استغراق- محويت. غور- ٻين ڳالهين جو خيال ڇڏي خدا سان لئون لائڻ.

مراقبي ۾ ويهڻ؛ هڪ مَنو تي ڌڻي جي عبادت ڪرڻ. خدا سان لئون لائڻ.

مَرامَت؛ ث (ع. مَرمة) ڀڳل ٽٽل شيءِ جي ڳنڍ ٽوپ. گهر يا جاءِ جي مرمت.

مُرَبَعَ؛ ذ (ع) چوَرس- چوڪنبو. چئن سٽن وارو بَند (شاعري).

مُرَبو؛ ذ (ع. مُرَبيٰ) کنڊ جي چاش ۾ وڌل پڪل ميوو.

مَربُوط؛ ص (ع) ڳنڍيل- جڙيل.

مُرَبِي؛ ص (ع) پاليندڙ- تاتيندڙ. سرپرست. وڏو- بزرگ.

مُرَتبُ؛ ص (ع) ترتيب ڏيندڙ. تاليف ڪندڙ (ڪتاب).

مُرَتب ڪرڻ؛ ترتيب ڏيڻ- تاليف ڪرڻ (ڪتاب)- تصنيف ڪرڻ.

مَرتبانُ؛ ذ (ف) خاص قسم جي مٽي يا چيني جو ٿانءُ (جنهن تي روغن ڪيل هجي). ڪُولو. برني.

مَرتَبت؛ ذ (ع) رتبو. صفاتي ٻچاڙي طور ڪم ايندڙ (جئن "عالي مرتبت").

مَرتَبو؛ ذ (ع) درجو- رتبو. عهدو. دفعو- پيرو.

مُرتَدُ؛ ذ (ع) اسلام کان ڦريل شخص. اهو مسلمان جيڪو ڪافر ٿي وڃي.

مُرتَضيٰ؛ ص (ع) چُونڊيل- ڏٺيل. مقبول- وڻندڙ. حضرت علي ڪرم الله وجهہ جو لقب.

مُرتَعِش؛ ص (ع) ڏڪندڙ- ڏڏندڙ.

مُرتَفعُ؛ ص (ع) بلند- اُوچو- مٿاهون.

مُرتَڪِب؛ ص (ع) ڏوهہ جهڙي ڪم جو ڪندڙ. مجرم- ڏوهاري.

مَرتيو؛ ذ (سن) موت- وفات.

مَرثيو؛ ذ (ع) شهادت يا وفات تي چيل نظم يا شعر (جنهن ۾ مصائب بيان ٿيل هجن).

مرثيي خواني؛ ث. مرثيا پڙهڻ.

مَرجاتَ؛ ث. حيا- شرم. لحاظ- محابو. پيشماني- پڇتاءُ. مان مرتبو.

مَرجانُ؛ ذ (ع) هڪ قسم جي سامونڊي پيداوار. ڳاڙهاڻ مائل هڪ قسم جو پٿر.

مَرجَعُ: ذ (ع) موٽي اچڻ جي جاءِ. نڪاتو.

مَرجَعِ خَلائق: ذ. اُها جاءِ (يا ماڻهو) جنهن سڀ ماڻهو رجوع ٿين.

مِرچَ: ث. هڪ قسم جو ٻوٽو جنهن جون ڦريون تيز ۽ تلخ ٿين (ڪچيون ساوڻ، ۽ پڪيون ڳاڙهيون ٿين).

مِرچائي: ص. مرچن وارو (ڪاڻو).

مِرچُون لڳڻ: منيان لڳڻ- ڪاوڙ لڳڻ.

مِرچُ: ذ. هڪڙو ڳاڙهو يا ساڻو مِرچُ.

مِرچ لڳڻ: منيان لڳڻ- ڪاوڙ لڳڻ.

مُرچَنگُ: ذ. هڪ قسم جو ساز- چنگ.

مُرچو: ذ. ڪٽُ- زنگُ. لوهار جي ڪُوري ۾ گڏ ٿيل لوهہ جو ڪٽُ.

مَرچُوٽُ: ص. ڪنجوس. شُومُ. بخيل.

مَرحَبا: ث (ع) شاباس- آفرين. واهہ واهہ- خوش آمديد. آدرڀاءُ- آجيان. خاطرداري- تواضع.

مرحبا ڪرڻ: آئي جي آدر ڪرڻ- آدر ڀاءُ ڪرڻ. خاطرداري ڪرڻ.

مرحَلو: ذ (ع) هڪڙي ڏينهن جو سفر- منزل (ٻارهن ميلن جو مفاصلو). ٻاٻو. ڏاڪو. درجو.

مَرحَلي وار: ص. منزل بمنزل، ڏاڪي بہ ڏاڪي. سلسلي وار.

مَرحَمَت: ث (ع) مهرباني- عنايت- ڪرم.

مَرحمت ڪرڻ: عطا ڪرڻ. عنايت ڪرڻ.

مَرحُومُ: ص (ع) رحمت ڪيل- بخشيل. جنتي. فوتي- مري ويل.

مَردُ: ذ (ف) نر (ماڻهو)- مذڪر. ماڻهو- شخص- بشر. خاوند- مڙس. (ص) سورهيہ- بهادر.

مَردِ حق: ذ. ولي- عارف.

مرد ماڻهو: ذ. ڪوبہ ماڻهو.

مَردِ ميدان: ذ. لڙائي ۾ بهادري ڏيکاريندڙ. بهادر- دلير.

مَردو زَن: ذ. زالون ۽ مڙس. عام ماڻهو.

مُردارُ: ص (ف) مئل. ناپاڪ. مري ويل جانور- ڍُونڍ. سست- ڪاهل. ڪم چور. حرام خور.

مَردانگي: ث (ف) مڙسي. جوانمردي. دليري. شجاعت.

مَردانو: ص. دلير- بهادر. مرد سان نسبت رکندڙ. تندرست- چاق- نَمرو.

مَردُمُ: ذ (ف) عام ماڻهو. مهذب ماڻهو.

مردم آزار: ص. ماڻهن کي آزاريندڙ. ظالم.

مَردُم آزاري: ث. ماڻهن کي آزارڻ- غريبان مارَ.

مَردُم خيز: ص. اهو خطو جتي لائق ماڻهو پيدا ٿين. اها سرزمين جتي گهڻا ماڻهو پيدا ٿين.

مَردُم شُماري: ث. ملڪ جي ماڻهن جي ڳڻپ (جيڪا هر ڏهين سال ٿيندي آهي)- آدم شماري.

مَردُم شُناس: ص. ماڻهو ماڻهو کي سڃاڻندڙ.

مَردم شناسي: ث. ڪوڙي ڪري ماڻهو جي سڃاڻپ.

مَردُمي: ث. بهادري- شجاعت- دليري.

مُردَني: ث (ف) موت جا اهڃاڻ (جيڪي مُنهن مان ظاهر ٿين).

مُردو، مُڙدو: ذ (ف. مرده) مئل ماڻهو. لاش- مڙهہ- مَيت. (ص) مئل- بي جان. ڪُومائل. مايوس (طبيعت).

مَردُودُ: ص (ع) رد ڪيل. ڌڪاريل. لوڌيل. ملعون. نڪمو.

مِردَنگَ: ث. هڪ قسم جي ڊگهي ڍولڪ.

مِرزا: ذ (ترڪي) امير زادو. شهزادو. ايرانين ۽ مغلن جو لقب.

مُرسَلُ: ذ (ع) رسول- پيغمبر. (ص) ارسال ڪيل- موڪليل.

مُرشِدُ ص (ع) هدايت ڪندڙ. واٽ ڏيکاريندڙ. رهبر.
مُرشدِي ث. هدايت- رهنمائي.
مُرَصَعَ ص (ع) جڙيل (هيرن موتين سان). جڙادار. سينگاريل.
مرضُ ذ (ع) بيماري- روڳ. اگهائي. آزار. عادت.
مرضِيلُ ص. بيمار- عليل. ٽوٽي- سست.
مَرضي ث (ع) رضا- خوشي. خواهش- ارادو. پسند. قبوليت. اجازت- موڪل.
مرضي موجب ظ. خاطرخواه- پسندي موجب. وڻن جهڙو- دلپسند.
مَرطُوبُ ص (ع) پُسيل- تر- آلو- پنل.
مَرعُوبُ ص (ع) رعب ۾ آيل- هيسيل- ڊنل.
مُرغُ ذ (ف) پکي- پرندو. ڪُڪڙ.
مُرغابي ث (ف) آبي پکي جو هڪ قسم. بدڪ. آڙي.
مَرغزارُ ذ (ف) نرم ۽ سائي گاه واري جُوءِ- ساوڪَ. وِيءِ- چراگاه.
مُرغو ذ (ف) ڪُڪڙ. (ث. مُرغي).
مَرغُوب ص (ع) وڻندڙ- پسنديده. مزيدار- لذيذ (کاڌو).
مَرقَدُ ذ (ع) سمهڻ جي جاءِ. قبر- تربت.
مُرَقَع ذ (ع) تصويرن جو مجموعو.
مَرقُوم ص (ع) لکيل.
مَرڪُ ظ. لائق- واجب- جڳائيندڙ. (ذ) مغروري- پاڻ پڏائڻ- فخر.
مِرڪَ ث. ڏُڪ- سُرڪَ. پِڪَ- لپَ.
مُرڪَ ث. مُشڪَ- کِلَ- تبسم. پاٻوهه. ڳائڻ ۾ تانَ جي هيٺ مٿاهين.
مَرڪائِڻُ م. پڏائڻ. مُنهن مٿي ڪرڻ. ساراهڻ. ملهائڻ.
مُرَڪَبُ ص (ع) گڏيل- مليل. گڏوچڙ- مخلوط. گهڻين شين کي گڏي ٺاهيل دوا. هڪ کان وڌيڪ جملن وارو فقرو.
مَرڪَزُ ذ (ع) هڪ مقرر جاءِ. گول جي وچ وارو نقطو. وچ وارو حصو- وِچُ. صدر مقام.
مَرڪَزِي ص. وچ وارو- وچون- وسطي. بنيادي.
مَرڪَڻُ م. پَدڻ- فخر ڪرڻ. لاف هڻڻ.
مُرڪَڻُ م. مُشڪڻ- چپن ۾ کلڻ. ٿورو کِلڻ.
مَرڪُوزُ ص (ع) وچ وارو. هڪ جڳهه تي کُتل.
مُرڪي ث. ڪن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه. ننڍڙي والي. ڪيوٽي.
مَرگُ ذ (ف) موت- اجل- قضا- مرتيو.
مرگ مَفاجات ذ. اوچتو موت- بي وقت موت.
مُرڳو ظ. ماڳهين- بِنهه. فقط.
مِرگهه ذ (سن) هرڻ- آهُو.
مِرگهه تِرشنا ث. رڻ ۾ پاڻيءَ جو ڪُوڙو ڏيکُ- رُڃَ- سراب.
مِرگهه نيَڻَ ث. وڏي ۽ سهڻي اک. (ص) وڏين ۽ سهڻين اکين واري.
مَرگهَٽُ ذ. مُردي ساڙڻ جي جاءِ- مساڻ- شمشان.
مِرگِهي ث. هڪ قسم جي بيماري (جنهن ۾ مريض کي بيهوشيءَ جو دورو پوي).
مِرگِهيَلُ ص. مرگهيءَ جي بيماري ۾ ورتل.
مُرلي ث. هڪ قسم جو ساز (خاص ڪري جوڳي وڄائين). بنسري.
مُرليون وڄائڻ ڳالهيون ٺاهي ريجهائڻ- راضي ڪرڻ. ريجهائي خوش ڪرڻ.
مَرَمُ ذ (سن) شرمُ- حيا- لڄ. لحاظ. پيشماني.
مَرَمَتَ ث (ع) ڀڳل جاءِ جي درستي. ڀڳل ٽٽل شيءِ جي درستي. ڦاٽل ڪپڙي وغيره جي ڳنڍ ٽوپ. جُٺ- سزا. گوشمالي.

مَرمَت طلب، ص. درستيءَ جي لائق- ڳنڍڻ ٽوپ جي لائق.

مَرمَت ڪرڻ، سنوارڻ- اصلاح ڪرڻ. گوشمالي ڪرڻ.

مَرمَر، ذ (ف) هڪ قسم جو اڇو، زرد، نيرو ۽ ڳاڙهو پٿر جيڪو پالش ڪرڻ سان چمڪي ٿو "سَنگِ مَرمَر".

مِرِ مِرِ، ث. چپن ۾ ڳائڻ وارو سنهڙو آواز- مِڻ مِڻ. رِڻ.

مُرمُلا، مُرمُرا، ذ. بيسڻ مان ٺهيل ۽ تيل ۾ تريل سيويون.

مَرَڻُ، ذ. موت- اجل- قضا. لاڏاڻو. وفات.

مَرڻ جيئڻ، ذ. شادي غمي. زماني جا لاها چاڙها.

مَرَڻُ، م (سن) فوت ٿيڻ- لاڏاڻو ڪرڻ- دم ڏيڻ- انتقال ڪرڻ. گهڻو چاهڻ- عاشق ٿيڻ.

مَري جُهري، ظ. ڪشالي سان- مَري مَري- مصيبتون سهي.

مَرِي مَرِي، ظ. ڏاڍي ڪوشش سان- ڏاڪڙن سان.

مِري وڃڻ، گذاري وڃڻ- فوت ٿيڻ. پاهه ٿيڻ (ٻڪ ۾).

مَرڻو، ذ. موت- قضيو.

مَرٺينگ، ص. مرڻ جهڙو- مرڻ تي. مرڻ وهيڻو.

مَرواريدُ، ذ (ف) موتي- دُر. گوهر.

مُرَوتُ، ث (ع) رعايت- لحاظ- پاسخاطري. فياضي- سخاوت.

مُروت ڪرڻ، لحاظ ڪرڻ- رعايت ڪرڻ. ڇڏ ڇُوٽ ڪرڻ.

مَروٽَ، ث. پيٽ ۾ وَٽ- مروٽو (جنهن ۾ سُورَ جي سُوٽَ اُيري). مروڙ. وڪڙ.

مَروٽ سَروٽ، ث. وٽ سٽ. پيٽ ۾ مروڙ.

مَروڳڻُ، م. وڪڙِ ٿيڻ- وٽ ڏيڻ- مروڙڻ. آڪيڙو ٿيڻ.

مَروڪو، ذ. وڪڙ- وَٽُ- مروڙ. اِڪيڙو.

مُرَوج، ص (ع) جاري. هلندڙ. مستعمل. رواج ۾ هلندڙ.

مَروڙَ، ث. پيچ- وَٽُ (پيٽ ۾). گهُمري. وڪڙ.

مَروڙَڻُ، م. وٽ ڏيڻ- پيچ ڏيڻ. موڙڻ (عضوو). مروٽڻ. وٽڻ.

مروڙو، ذ. وَٽُ- وَرُ- وڪڙ. مروٽ (پيٽ جي).

مِرُون، ذ. جهنگلي جانور. حيوان. درندو. سُوئر.

مَروِي، ص (ع) روايت ڪيل- بيان ڪيل.

مَرهَ، ث. بخشش- مغفرت. ٻاجهه- مهر.

مَرهَمُ، ذ (ف) ڦٽ ڦرڙي يا زخم تي لڳائڻ لاءِ ليپُ- ملم. علاج.

مَرهُونِ، ص (ع) گروي رکيل- ڳهه رکيل.

مَرهُونِ مِنت، ص. احسانمند- ممنون- ٿورائتو.

مَرِهي، ث. ڏندن جي پاڙ وارو گوشت- مهاري.

مَرِهيات، ص. مري ويل- فوتي. مرحوم.

مَرهيارِي، ص. مٺيارڪو سامان وڪندڙ- مٺياري.

مَرِي، ث. هڪ قسم جي وبائي بيماري. وبا.

مَرِي، ذ. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو.

مِرِي، ث. مرچ (ڳاڙهو ۽ ڪارو مرچ).

مَرِيخ، ذ (ع) هڪ سياري (گرهه) جو نالو- منگل (علم نجوم ۾ هي سيارو منحوس تصور ڪيو وڃي ٿو).

مُرِيدُ، ص (ع) خواهشمند- چاهيندڙ- مشتاق. ارادت رکندڙ. مطيع- فرمانبردار. معتقد. پيروي ڪندڙ. پوئلڳ. شاگرد.

مريد ڪرڻ، تابع ڪرڻ. مطيع ڪرڻ. ٻالڪو بنائڻ.

مُريدِي، ث. اطاعت- فرمانبرداري. عقيدتمندي،

مَرِيڙو، ذ. هڪ قسم جو اوپڙ (ساڳ طور ڪم اچي).

مَرِيضُ، ص (ع) بيمار- روڳي- عليل. جڏو- مرضيل.

مَريَم، ث (ع) پارسا- پاڪدامن. حضرت عيسيٰ عليه السلام جي ماءُ جو نالو.

مَرِينو، ذ (ف) هڪ قسم جو اوني ڪپڙو (جيڪو

خاص قسم جي ردن جي اَنَ مان ٺهي).

مُريو؛ ذ. پير جي مٿان وارو هڏو- پيڏي.

مِڙ؛ ظ. سڀ- جملي- سڀئي.

مَرد؛ ذ (ف) مرد. مڙس.

مُردو؛ ذ (ف) مُردو. ميت- لاش.

مُڙس؛ ذ. مرد ماڻهو. (ص) گهر وارو- خاوند- ڌڻي. پتار. سورهيه- دلير.

مُڙساڻ مُڙسي؛ ث. زوري زبردستي. ڌاڍائي. ارهه زورائي. جريت.

مُڙساڻو؛ ص. مردانو.

مڙس ٿيڻ؛ همت ڌارڻ- حوصلو ڪرڻ.

مُڙسي؛ ث. سگهه- همت- طاقت. جريت. بهادري.

مِڙڻ؛ م. ملڻ- گڏجڻ. پڙڻ- ڳنڍجڻ. ميڙ ٿيڻ. انبوه ٿيڻ. روبرو ٿيڻ.

مُڙڻ؛ م. ڦرڻ- مُڙي وڃڻ. وٺجڻ. موٽڻ- واپس اچڻ. موٽ ڪائڻ. هٽڻ (بيماري). وَرُ ڪائڻ. ڦيرو ڪائڻ. باز اچڻ (ڪنهن ڪم کان). آڻ مڃڻ. لڙڻ (سج).

مَڙهه؛ ذ. لاش. مثل جسم.

مَڙهه؛ ذ (سن. مَٺ) ماڳ. ٽڪاڻو. آستان.

مڙهه مُقام؛ ذ. جاءِ جڳهه- گهر گهاٽ- ٺام ٽڪاڻو.

مَڙهائڻ؛ م. واڻائڻ (کٽ). جڙائڻ (موتي).

مَڙهت؛ ث. مڙهڻ يا جڙڻ جو ڪم. پوچ (موتين جي). ترتيب يا سلسلي سان پوچ (موتين. ڌاڳن. مڻڪن وغيره جي). کٽ واڻڻ جي ترتيب.

مَڙهڻ؛ م. جڙڻ (موتي). پوچ ڪرڻ. واڻڻ (کٽ. ڪرسي وغيره). کل چاڙهڻ (دهل. نغاري تي). رکڻ (الزام). زوري حوالي ڪرڻ (ذميداري).

مَڙهو؛ ص. مڙهه وانگر نستو. ضعيف- هيڻو. پوڙهو- ڪراڙو. سست- ڪاهل. (ث. مَڙهي)

مَڙهو؛ ذ. پٽن جي وچ واري هيٺاهين جُوءِ. هيٺاهين زمين.

مَڙهي؛ ث. (سن. مَٺ) جهڳي- جهوپڙي. سناسين جو آستان. ننڍڙو ٽڪاڻو.

مِڙئي؛ ظ. ڪل- سڀ- جملي.

مِڙي؛ ظ. گڏجي- ملي.

مِڙي سِڙي؛ ظ. گڏجي سڏجي- رلي ملي.

مِڙيَل؛ ص. ڇهن سالن ڄمار وارو وهٽ (جنهن کي سڀ ڏند چاول هجن).

مڙيئي، مِڙيوئي؛ ظ. سڀوئي- سڀڪجهه.

مِزاج؛ ذ (ع) طبيعت- سرشت. ڳڻ- خاصيت. عادت. خصلت- سڀاءُ. تڪبر- فخر- وڏائي. ناز- نخرو.

مِزاج پُرسي؛ ث. طبيعت جي پڇا (بيماري جي حالت ۾).

مِزاج ڪرڻ؛ غرور ڪرڻ. وڏائي ڪرڻ. نخرا ڪرڻ.

مَزاح؛ ذ (ع) چرچو گهبو- خوشطبعي- کِل ڀوڳ.

مُزاحمت؛ ث (ع) روڪ- جهل. منع.

مَزار؛ ث (ع) زيارت ڪرڻ جي جاءِ- درگاه- آستانو. قبر- تُربت.

مَزار؛ ذ. شينهن.

مُزارع؛ ذ (ع) پوک ڪندڙ- هاري- ڪڙمي- ڪاشتڪار.

مَزاري؛ ذ. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو.

مَزاڪ؛ ث. کل مسخري. چرچو گهبو. ٺٺول. کچڪل بازي.

مَزدور؛ ذ (ف) روزاني اُجرت تي ڪم ڪندڙ. پورهيت. مزور- ڪمي. بار پري کڻڻ جو ڪم ڪندڙ.

مَزدوري؛ ث. ڪم جو معاوضو- اجرت. روزينو. محنت- پورهيو.

مِزمان؛ ذ (ف. مهمان) جيڪو ترسي ۽ ماني ٽڪي کائي- مهمان- دعوتي.

مِزماني؛ ث. مهماني. دعوت.

مَزو، ذ (ف) سواد- ذائقو. ساءُ- لطف. چشڪو. رس. عيش. خوشي. فرحت. رونق- تماشو- ڇهڇٽو. سرور.

مزا ڪرڻ، مزا وٺڻ، لطف وٺڻ. تماشا ڪرڻ. عيش ڪرڻ- لذت وٺڻ.

مزا ماڻڻ، عيش ڪرڻ. موجون ڪرڻ.

مزو اچڻ، لذت اچڻ- سواد اچڻ. راحت ملڻ. خوشي ٿيڻ. سُرور اچڻ.

مَزو چکائڻُ، سيکت ڏيڻ- ڄُٽ ڪرڻ.

مزو وٺڻ، لطف حاصل ڪرڻ. عيش ڪرڻ.

مزيدارُ، ص. لذيذ- سوادي. لطف وارو- وڻندڙ.

مُزيداري، ث. لذت- مزو. ذائقو- سواد. لطف.

مَزورُ، ذ (ف) مزدور. پورهيت. ڪمي.

مَزُوري، ث. مزدوري. پورهيو. حمالي. مزوري جو اُجورو.

مَزِيدُ، ص. (ع) زياده- وڌيڪ. گهڻو- سرس.

مُزَيَنَ، ص (ع) سينگاريل- آراستہ- سَجايل.

مُژده، ذ (ف) خوشخبري. مبارڪ باد. بشارت.

مِژگان، ذ (ف) پَلڪَ- اکين جا ڇپر.

مِژه، ذ (ف) پَلڪ (اک جو)- ڇپر.

مَسُ، ذ (ع) ڇُهاءُ- لائڻ (هٿ وغيره).

مَسَ، ظ. لاچار- ورلي.

مَسِ، ث. مُڇن ۽ ڏاڙهي جو ريهُ. ڏاڙهي مُڇَ جي ساوڪَ.

مَسُ، ث. لکڻ لاءِ ڪاري، ڳاڙهي، نيري رنگ جي پاڻيٺ- سياهي (عام طرح مَسُ ڪاري ٿئي).

مِسِ، ث (انگ) ڪنواري ڇوڪري- دوشيزه. ڀُل- ڇُڪ.

مِسُ، ذ (ف) ٽامو.

مَساء، ث (ع) شام- سانجهي.

مَساجِدَ، ث (ع) 'مسجد' جو جمع- مسجدون.

مَساعِي، ث (ع) ڪوششون- حيلا.

مَسافَت، ث (ع) دوري- مفاصلو.

مُسافِرُ، ث (ع) سفر ڪندڙ- پانڌي- راهي. پرديسي.

مُسافِرتَ، ث. سفر. پنڌ- مفاصلو. پرديس.

مسافرخانو، ذ. مسافرن جي رهڻ جي جاءِ- سراءِ.

مُسافِري، ث. سفر. پنڌ- مفاصلو. پرديس.

مَساڪِينَ، ذ (ع) "مسڪين" جو جمع. غريب- محتاج- ڪنگال.

مُساڳُ، ذ (ع. مِسواڪ) ڏندن جي صفائي لاءِ اڪڙوٽ وڻ جو ڇوڏو.

مَسامَ، ذ (ع) پگهر نڪرڻ لاءِ جسم جا سنهان سوراخ. لُون. (پگهر عام طرح وارن جي پاڙن مان نڪرندو آهي).

مَساڻُ، ذ. هندن جي مڙدن ساڙڻ جي جاءِ- مرگهٽ.

مُساوات، ث (ع) برابري- هڪ جهڙائي- يڪسانيت.

مُساوِي، ص (ع) برابر- يڪسان- هڪ جهڙو. هموزن.

مَسائِلَ، ذ (ع) مسئلا- معاملا.

مُسَبِبُ الاسباب، ذ (ع) سبب پيدا ڪندڙ. خداتعاليٰ.

مَستُ، ص (ف) نشي ۾ چُور- متوالو- مخمور. سرشار. بيخود- مدهوش. الهوٽ. ديوانو- چريو. مجذوب. بيپرواهہ. خوش.

مَستانُ، ص. مستانو- مست. عاشق.

مَستانو، ص. خماريل- مخمور. چريو- پاڳل- ديوانو. مجذوب. پورالو. (ث. مستاني).

مُستَثنيٰ، ص (ع) چونڊيل- ڇانٽيل. جدا ڪيل. الڳ- علحدو.

مُستجابُ، ص (ع) جواب ڏنل. ٻُڌل. قبول ڪيل.

مستجاب الدعوات، ذ. اهو ماڻهو جنهن جي دعا قبول ٿيندي هجي.

مَستَر؛ ث. ليڪن ڪپڙ جي پٽي. رازڪي ڪم جو هڪ اوزار.

مُستَرد؛ ص (ع) موٽايل. رد ڪيل.

مِستِري؛ ص. مشنري جو ڪم ڪندڙ.

مُستَزاد؛ ص (ع) وڌايل. عروضي شاعري جو اصطلاح موجب هر مصرع ڪان پوءِ وڌايل هڪ رڪن.

مُستَحسَن؛ ص (ع) سنو- وڻندڙ. نيڪ- چڱو. ڀلائي وارو.

مُستَحق؛ ص. (ع) حق رکندڙ- حقدار. جوڳو- لائق.

مُستَحڪَم؛ ص (ع) پڪو- مضبوط- پائدار. قائم- اٽل.

مُستَطِيل؛ ذ (ع) چوڪنڊياسي شڪل جنهن جا آمهون سامهون وارا ٻه پاسا برابر هجن.

مُستَعار؛ ص (ع) اڌارو- اڌاري طرح گهري ورتل.

مُستَعد؛ ص (ع) تيار. موجود. هشيار.

مُستَعدي؛ ص (ع) تياري- ڦڙتي. جلدائي.

مُستَعفي؛ ص (ع) استعيفي ڏيندڙ- نوڪري ڇڏيندڙ.

مُستَعمَل؛ ص (ع) استعمال ڪيل- ڪم ۾ آيل. مروج. چالو.

مُستَغرق؛ ص (ع) ٻڏل- غرق. ڪم ۾ رڌل.

مُستَغني؛ ص (ع) آزاد- بيپرواهه. دولتمند- امير. بي نياز.

مُستَغِيث؛ ص(ع) فريادي. دانهين. مدعي.

مُستَقبِل؛ ذ (ع) ايندڙ وقت- آئيندو. ايندڙ وقت سان تعلق رکندڙ.

مُستَقر؛ ذ (ع) ويهڻ جي جاءِ. ترسڻ جو هنڌ. ٺڪاڻو.

مُستَقِل؛ ظ (ع) هميشه- سدائين. مضبوط- اٽل. پڪو (ملازم).

مُستَقِل مِزاج؛ ذ. اٽل ارادي وارو. ثابت قدم.

مُستَقِيم؛ ص (ع) سنئون- سڌو. درست- صحيح. سڌو بيٺل- اڀو.

مَستَڪ؛ ذ (سن) مٿو- ڪپراٽي. پيشاني.

مُستَند؛ ص (ع) سَنَد مليل. تصديق شده. اعتبار جوڳو.

مَستُور؛ ص (ع) لڪل- ڳجهو- مخفي.

مَستُورات؛ ث (ع) پرده نشين زالون. زالون- عورتون.

مَستي؛ ث (ف) نشو- خمار. نفساني جوش. خوشيءَ جو جوش. حرڪت. ڪيچل. شرارت.

مستي ڪرڻ؛ حرڪت ڪرڻ- شرارت ڪرڻ. ڪيچل ڪرڻ.

مُستي؛ ث. مناهه. ڳُڙ مان ٺهيل ڳاڙهي ڪنڊ. ڳُڙ جي پور.

مِسٽَر؛ ذ (انگ) جناب. صاحب. محترم. معزز.

مَسجِد؛ ث (ع) سجدو ڪرڻ جي جاءِ. نماز پڙهڻ لاءِ خاص اڏاوت- مسيت.

مَسجد اقصيٰ؛ ث. فلسطين ۾ حضرت سليمان جي نهرايل مسجد (لفظي معنيٰ پري واري مسجد. ڇاڪاڻ ته مڪي کان پري آهي).

مَسجِد حَرام؛ ث. ڪعبو- ڪعبة الله.

مَسجد نبوي؛ ث. مديني منور ۾ نبي سڳوري جي اڏايل مسجد.

مُسَجَع؛ ذ (ع) هم قافيه الفاظ (واري عبارت يا مضمون)- مُقفيٰ (نثر. جنهن ۾ قافيا جملن جي آخر ۾ هجن).

مَسجُود؛ ص (ع) سجدو ڪيل. جنهن کي سجدو ڪجي.

مَسَحُ، مَسحو؛ ذ (ع) آگهڻ- مَلڻ (هٿ). وضو يا غسل ۾ ڪن خاص عضون کي هٿ سان مهٽڻ يا صاف ڪرڻ. وضو ۾ پاڻي سان پُڳل ٻنهي هٿ نڪ کان ڪياڙي تائين لڳائڻ. طهارت.

مَسحو ڪرڻ؛ وضو ڪرڻ. طهارت ڪرڻ.

مَسحُور؛ ص (ع) جنهن تي جادو ٿيل هجي.

مَسخ؛ ص (ع) سٺي حالت مان بدلجي خراب حالت ۾ اچڻ. اعليٰ مان ادنيٰ. بگاڙو- خراب تبديلي.

مُسَخر؛ ص (ع) فتح ڪيل. تابع ڪيل. قبضي ۾ ڪيل.

مَسخرو؛ ص (ع) چرچائي- ظريف- ٺوڪائي.

مَسخِري؛ ث. چرچو گهبو- کل ڀوڳ. ٺٺول.

مَسخري ڪرڻ؛ ٺٺول ڪرڻ- مذاق ڪرڻ. چرچو گهبو ڪرڻ.

مُسَدسَ؛ ذ (ع) اهو نظم جنهن ۾ ڇهن مصراعن جو بند هجي. ڇهن مصراعن جو بند. ڇهه ڪُنڊي شڪل.

مَسدُود؛ ص (ع) بند ڪيل- روڪيل.

مِسِرُ؛ ذ (سن) مِشر- ٻانڀڻ- برهمڻ.

مُسَرَت؛ ث (ع) خوشي- سرهائي.

مَسرُورُ؛ ص (ع) خوش- سرهو- شاد.

مَسروق، مَسرُوقہ؛ ص (ع) چورايل- چوري ڪيل.

مَسِڙي؛ ث. ڏاڙهي اچڻ جي شروعات. ڏاڙهيءَ جي ريهه- ساوڪ.

مُسَطح؛ ص (ع) پڪڙيل. ورچيل. ويڪرو. هموار- سندريل (پٽ).

مَسطَر؛ ث (ع) ڪاغذ تي ليڪن ڪڍڻ جو اوزار. پٽي. فوٽ پٽي.

مَسعُودُ؛ ص (ع) سڀاڳو- نيڪ. خوش قسمت- بختاور.

مَسڪَن؛ ذ (ع) رهڻ جي جاءِ. رهڻ جو هنڌ. گهر. ٺڪاڻو.

مَسڪو؛ ذ (ف) مکڻ.

مَسڪو هڻڻ؛ خوشامد ڪرڻ.

مِسڪينُ؛ ص (ع) غريب- ڪنگال- مفلس. عاجز. ويچارو.

مِسڪين طبع؛ ص. غريب. حليم- بردبار. اٻالو. ٻيوس. مانٺو.

مِسڪيني؛ ث. غربت. مفلسي- ناداري.

مُسَلح؛ ص (ع) هٿيار ٻڌل- هٿياربند- هٿيارن پنوهارن سان.

مُسَلسَل؛ ص (ع) سلسلي ۾ رکيل- سلسليوار. لاڳيتو. هڪ ٻئي پويان.

مُسَلِط؛ ص (ع) تسلط يا قبضو ڪندڙ- قابض. غالب. فاتح.

مَسلڪ؛ ذ (ع) رستو- راهه. طريقو. رسم- رواج.

مُسلِمُ؛ ذ (ع) مذهب اسلام جو پوئلڳ- مسلمان.

مُسَلمُ؛ ص (ع) تسليم ڪيل- مڃيل. سڄو سارو- سالم. مڃڻ جوڳو. صحيح- درست.

مُسلمانُ؛ ذ (ع) مذهب اسلام جو پوئلڳ- مسلم.

مُسلمان ٿيڻ؛ اسلام آڻڻ. دين اسلام قبول ڪرڻ. ڪلمو پڙهي ايمان آڻڻ.

مُسلماڻي؛ ث. مسلمانن واري (رسم). سُنت- طهر- ختنو.

مُستَماۃ؛ ث (ع) نالو رکيل عورت (عورتن جي نالي سان گڏ استعمال ٿيندڙ لفظ).

مِسمارُ؛ ذ (ع) ميخ- ڪِلي. (ص) ڪيرايل- ڊاٺل. تباه- برباد.

مِسمار ڪرڻ؛ ڊاهڻ- تباه ڪرڻ.

مَسمومُ؛ ص (ع) زهريلو- زهري.

مُسَمىٰ؛ ص (ع) نالو رکيل. مردن جي نالي سان استعمال ٿيندڙ لفظ.

مَسنَد؛ ث (ع) اها جاءِ جتي ٽيڪ ڏيئي ويهجي. صندل. گادي- تخت.

مَسند نشين؛ ص. تخت تي ويهندڙ. بادشاه.

مَسنُونُ؛ ص (ع) ٺڪو ڪيل. سراڻ چڙهيل. صاف ٿيل. اهو ڪم جيڪو نبي سڳوري خود ڪيو هجي- سُنت. جائز- درست.

مَسَنُ: ذ (سن) هندن جي مڙدن ساڙڻ جي جاءِ- مَساڻ.
مِسَوَ: ث. واري ۽ چيڪي مٽي واري زمين. حيدرآباد ضلعي ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو.
مُسَڻُ: م. ڪومائجڻ. جهيڻو ٿيڻ. هَڇڻ. اُجڙ ٿيڻ. تڪليف ۾ اچڻ.
مَسو: ذ. جسم تي اُڀريل ڪارو داڻو- هَسو.
مَسواڙ: ث. جاءِ جو ڀاڙو يا ڪِرايو. ڪا شيءِ استعمال ڪرڻ جو اجورو. ڀاڙو.
مَسواڙي: ص. مسواڙ تي ورتل- ڪرائيدار.
مِسواڪُ: ذ (ع) ڏندڻ.
مُسَوَدو: ذ (ع) اها لکيت جنهن ۾ پوءِ تصحيح ٿي سگهي. ڪنهن ڪتاب يا مضمون جي اصل تحرير- قلمي نسخو.
مَسُورِ: هڪ قسم جي پوک ۽ ان جو ٻج (دالين ۾ شمار ٿئي)- مُهري.
مُسهِل: ص (ع) جلاب آڻيندڙ- قبض ڪُشا.
مَسَهُو: ص. نہ سهندڙ- حاسد.
مَسئلو: ذ (ع) سوال. فقه بابت سوال. معاملو.
مِسِي: ث. عورتن جي سينگار جو هڪ وکر (ڏندن کي لڳائڻ جو پائوڊر جنهن سان ڏند ۽ مهارون ڳاڙها ٿين).
مَسيتَ: ث. مسجد- مهت.
مَسيحُ: ذ (ع) حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو لقب.
مَسيحائي: ث. حضرت عيسيٰ وانگر جيارڻ جو عمل.
مَسيحي: ص. حضرت عيسيٰ جو پوئلڳ- ڪرستان.
مُشابَہ: ظ (ع) جهڙو- مثل- موافق.
مُشابِهَت: ث. هڪ جهڙائي- مطابقت. برابري. ڀيٽ.
مُشاطہ: ث (ع) عورتن کي سينگار ڪرائيندڙ عورت (جيڪو ڪم عموما حجامڻ ڪري). سڳابندي ڪرائيندڙ وچ واري عورت. دلالڻ.

مُشاعِرو: ذ (ع) شاعرن جو گڏ ٿي شعرخواني ڪرڻ جو شغل. شاعرن جو اجتماع.
مَشاغِل: ذ (ع) "مشغلہ" جو جمع. ڪم ڪار. پورهيو. ونڊر.
مَشاق: ص (ع) جنهن جي گهڻي مشق ڪيل هجي- مهارت رکندڙ- تجربيڪار. ماهر.
مَشامُ: ذ (ع) قوت شامہ جي جاءِ- دماغ. سونگهڻ جو حِس.
مُشاوَرَت: ث (ع) صلاح مصلحت- مشورو.
مُشاهِدات: ذ (ع) ڏيکاءِ- نظر ۾ آيل حقيقت.
مُشاهَدو: ذ (ع) نظارو. تماشو. معائنو. تجربو. تصوف جي اصطلاح ۾ انوار الاهي جو نظارو. ديدار.
مشاهدو مائڻ: ديدار ڪرڻ. لقاءُ ڏسڻ.
مُشاهِرو: ذ (ع) ماهوار پگهار. ماهيانو وظيفو.
مُشاهِيرَ: ذ (ع) "مشهور" جو جمع. نامور ماڻهو- مشهور ماڻهو. وڏا ماڻهو (جن ڪو ڪارنامو ڪيو هجي).
مَشائخ، مَشايخ: ذ (ع) "شيخ" جو جمع. بزرگ ماڻهو. دين جا اڪابر. صوفيائي ڪرام (جيڪي مرشدي جي رتبي کي پهتل هجن).
مُشت: ث (ف) مُٺ. مُڪَ. لپَ.
مُشتِ اُستخوان: ذ. هڏن جي مُٺ. تمام ضعيف.
مُشتِ خاڪ: ث. مٽيءَ جي مُٺ. انسان. دنيا.
مُشتَ زني: ث. مُٺ هڻڻ- جلق.
مُشتِ غُبار: ث. دز- لٽ. مثل ماڻهو جي ڳريل جسم جي مٽي.
مُشتاقُ: ص (ع) خواهشمند- طالبو- گهورو- شائق. منتظر.
مُشتَبہ: ص (ع) جنهن تي شڪ هجي. شڪي.
مُشتَرڪ: ص (ع) گڏيل- شريڪ ٿيل. ڳنڍيل- لاڳو.

مُشتَرِي؛ ذ (ع) خريدار. هڪ گرهہ جو نالو.
مُشتَعِل؛ ص (ع) ٻرندڙ- ٻاهہ وانگر.
مُشتَق؛ ذ (ع) ڪنهن مصدر مان نهيل لفظ.
مُشتَمِل؛ ص (ع) شامل- شريڪ- گڏيل.
مُشتَهَر؛ ص (ع) مشهور ڪيل. اعلان ڪيل. ڍنڍورو ڏنل.
مُسٽنڊو؛ ص. سٽر وٽر- ڏٽو مُٽو.
مَشرَب؛ ذ (ع) پاڻي پيئڻ جي جاءِ (حوض، چشمو). دين- مذهب. طريقو- ريت.
مُشرَّف؛ ص (ع) شرف ڏنل- معزز.
مُشرَّف بِاسلام؛ ذ. مسلمان ٿيڻ جي عزت حاصل ٿيڻ.
مَشرِقُ؛ ذ (ع) سج اُڀرڻ وارو طرف- اُڀرندو- اوڀر- پورب.
مَشرِقي؛ ص. اڀرندي جو- پوربي.
مُشرِڪُ؛ ص (ع) شريڪ ڪندڙ. خدا سان ٻئي معبود کي شريڪ ڪندڙ. بت پرست.
مَشرُوط؛ ص (ع) شرط رکيل. پابند- ٻڌل.
مَشعَل؛ ث (ع) ڪپڙي جو مُچو جيڪو ڪاٺيءَ جي چيڙي تي ٻڌي، تيل ۾ ٻوڙي ٻارجي. ڏياٽُ.
مَشعل بردار؛ ص. مشعل ٻاري کڻي هلندڙ.
مَشعَلچي؛ ص. مشعل ٻاريندڙ.
مَشغَلو؛ ذ (ع) ڪم- ڪرت- ڌنڌو- پورهيو. وندر- تفريح.
مَشغُولُ؛ ص (ع) ڪم ۾ رڌل- مصروف.
مَشغُولي؛ ث. ڪرت- ڌنڌو. وندر. مصروفيت.
مُشفِقُ؛ ص (ع) مهربان- همدرد.
مَشَقَ؛ ث (ع) تجربو- آزمودو. جلد ۽ رواني سان ڪم ڪرڻ جي عادت. اکرن پچائڻ لاءِ ڦرهي وغيره تي وري وري لکڻ.
مَشقِ سخن؛ ث. شعر چوڻ جي مهارت. شعر گوئي.
مَشقَ ڪرڻ؛ ڪوبہ ڪم وري وري ڪرڻ.
مُشقت؛ ث (ع) محنت. پورهيو. ڪشالو. خانفشاني.
مَشڪَ؛ ث (ع) پکال- ساندارو.
مُشڪَ؛ ث (سن) ڏونرو (ٻانهن جو). گوشت جي سُڏي. مُرڪَ- چپن ۾ کِلَ- آهستي کِلَ.
مُشڪون ٻڌڻ؛ ٻانهن جا ڏونرا ورائي پٺن کان ٻڌڻ. قابو ٻڌڻ.
مُشڪَ، مُشڪُ؛ ث (ف) هڪ قسم جي خوشبو (جيڪا هرڻ جي پيٽ مان ٿيلهي جي صورت ۾ نڪرندي آهي)- ڪٿوري.
مُشڪبار؛ ص. نهايت خوشبودار- سُرهو.
مُشڪ بُو؛ ص. خوشبودار- سُرهو.
مُشڪِ خَتَن؛ ث. 'ختن' جي علائقي جي مشڪ (جيڪا نهايت اعلى قسم جي ٿئي).
مَشڪرو؛ ص. (ع. مسخره) مسخرو- چرچائي.
مَشڪري؛ ث. چرچو ڀوڳ- مسخري.
مُشڪِل؛ ص (ع) ڏکيو- دشوار- اوکو. (ث) ڏکيائي- سختي- تڪليف. مصيبت.
مشڪل آسان ٿيڻ؛ مصيبت دور ٿيڻ. سختي لهڻ. سڪرات سولي ٿيڻ.
مُشڪِلات؛ ث (ع) 'مشڪل' جو جمع پر سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم اچي) تڪليف- ڏکيائي.
مُشڪِلڪشا؛ ص (ف) مشڪل حل ڪندڙ. مصيبت دور ڪندڙ. اهنج لاهيندڙ. عام اصطلاح ۾ حضرت علي ڪرم الله وجهہ جو لقب.
مشڪلڪشائي؛ ث. تڪليف دور ڪرڻ. مصيبت کان نجات.
مُشڪَڻُ؛ م. چپن ۾ کِلڻ- مُرڪڻ. ٻاٻوهڻ. خوش ٿيڻ. کِلڻ.

مِشڪواة: ث (ع) حديثن جو مشهور ڪتاب.

مَشڪُورُ: ص (ع) شڪل ڪيل. احسانمند- تورائتو- شڪرگذار.

مَشڪُوڪُ: ص (ع) شڪ ڪيل- شڪي. گماني.

مُشڪي: ص. مُشڪ جي رنگ جهڙو- ڪارو- سياه. سانورو. سياهي مائل (ذ) ڪاري رنگ جو گهوڙو.

مُشڪيزه: ذ (ف) ننڍڙي پکال.

مِشن: ذ (ع) عيسائين جي تبليغي انجمن. سفارتي وفد. (انگ) ڪل- انجڻ.

مَشوَرو: ذ (ع) صلاح مصلحت- تجويز. رٿابندي.

مَشهُود: ص (ع) حاصل ڪيل. ثابت ڪيل. موجود- حاضر.

مَشهُورُ: ظ (ع) نامور- نالي وارو- هاڪارو.

مَشهُوري: ث. هاڪ- ناموس- ناموري.

مَشيتَ: ث (ع) خواهش- مرضي- ارادو. خداتعاليٰ جي مرضي. تقدير.

مَشيرُ، مُشيرُ: ص (ع) مشورو ڏيندڙ- صلاحڪار. راءِ ڏيندڙ.

مَشيرنامو: ذ. واردات جي موقعي جي لکيت ۽ شاهدي.

مَشيري: ث. ميمبري.

مَشين: ث (انگ) ڪَلَ.

مُصاحِبُ: ص (ع) هم صحبت. خاص دوست. ساٿي- رفيق.

مَصارِف: ذ (ع) خرچ پکا- اخراجات.

مصارِف بيجا: ذ. غيرضروري خرچ- فضول خرچ.

مُصافَحہ: ذ (ع) هٿ ملائڻ- هٿ ڏيڻ (ملاقات وقت).

مصالِحَت: ث (ع) ميلاپ- ناهه- صلح.

مصالِحو: ذ (ع) طعام يا کاڌي کي رڌڻ لاءِ ويڳر. ڀڳل ٿان. ڳهه وغيره کي ڳنڍڻ لاءِ ريهه.

مصالحدارُ: ص. ويڳر وارو- خوش ذائقي.

مَصائِب: ذ (ع) "مصيبت" جو جمع. تڪليفون- سختيون.

مُصحح: ص (ع) صحيح يا درست ڪندڙ. تصحيح ڪندڙ.

مُصحَفُ: ذ (ع) گڏ ڪيل لکيل ڪاغذ. ڪتاب. قرآن شريف.

مِصداق: ذ (ع) صداقت جو ثبوت. گواهي- شاهدي.

مَصدَر: ث (ع) نڪرڻ يا ڦٽ جي جاءِ- جڙ- پاڙ. شروعات. سرچشمو. گرامر موجب اهو لفظ جنهن مان ٻيا لفظ ڦٽي نڪرن.

مُصَدَّق، مُصَدَّقہ: ص (ع) تصديق ڪيل. آزمايل. سچو. صحيح.

مِصرُ: ذ (ع) شهر- ننگر- آبادي. آفريڪا کنڊ جو هڪ ملڪ.

مِصري: ص. مصر جو. مصر جو وينل. (ث) مصري ٻولي.

مُصِرُ: ص (ع) ڪنهن ڳالهه يا ڪم تي ضد ڪري ٻيهندڙ. اصرار ڪندڙ. زور ڀريندڙ.

مِصرَعَ، مِصرَعہ: ث (ع) علم عروض موجب شعر جو اڌ (هڪڙي سٽ).

مِصرع طرحَ: ث. شعر جي اها سٽ جيڪا رديف ۽ قافيي جي پابندي سان وٺيڪ شعر ناهڻ لاءِ مقرر ڪجي.

مَصرَف: ذ (ع) خرچ ڪرڻ جو سبب. استعمال- غرض- مطلب.

مَصرُوفُ: ص (ع) رُڌل (ڪم ۾)- مشغول.

مَصرُوفيَتَ: ث (ع) مشغولي (ڪم ۾)- رڌل رهڻ جي حالت.

مِصري: ث. کنڊ جي چاش مان ٺهيل مناڻ- قَندُ. مصر جي ٺهيل تلوار.

مُصفيٰ؛ ص (ع) صاف ٿيل- اُتريل.
مُصطفيٰ؛ ص (ع) چونڊيل- ڏٺيل- منتخب. (ذ) پيغمبر عليہ السلام جو لقب.
مُصلِح؛ ص (ع) درست ڪندڙ. سڌاريندڙ.
مَصلِحَت؛ ث (ع) سُٺي صلاح- نيڪ تجويز- بهتر راءِ. چڱائي- ڀلائي. صلاح- رٿ.
مُصَلو؛ ذ (ع) نماز پڙهڻ لاءِ ڪپڙي جو فرش.
مُصمَم؛ ص (ع) مقرر ڪيل. ارادو ڪيل. رٿيل. پڪو- مضبوط.
مُصمَم ارادو؛ ذ. پڪو ارادو.
مُصَنِفُ؛ ص (ع) ڪتاب لکندڙ. ليکڪ.
مَصنُوعات؛ ث (ع) ٺاهيل شيون.
مَصنُوعِي؛ ص (ع) ٺاهيل- هٿراڌو. نقلي- جڙتو.
مُصَوِر؛ ص (ع) تصوير ٺاهيندڙ. نقاش. خداتعاليٰ جو هڪ نالو.
مُصَوِري؛ ث. تصويرون ٺاهڻ جو هنر. نقاشي.
مُصِيبَت؛ ث (ع) تڪليف- ڏک. آزار. ظلم. مشڪل- سختي. ويڌن.
مصيبت زده؛ ص. آفتن جو ماريل. ڏکن جو سٽيل. آزاريل. ستايل. بدبخت.
مصيبتون سهڻ؛ تڪليفون برداشت ڪرڻ. ظلم سهڻ. سختيون پوڳڻ.
مُضارِعُ؛ ذ (ع) جهڙو- مثل. گرامر موجب هڪ 'زمان' جو نالو.
مُضاف؛ ص (ع) وڌايل. لاڳاپيل. مليل. گرامر موجب مالڪي ڏيکاريندڙ لفظ.
مُضاف اِليہ؛ ذ. گرامر ۾ ملڪيت ڏيکاريندڙ لفظ.
مُضافات؛ ذ (ع) آسپاس- گردنواح. شهر جي آسپاس وارا ڳوٺ ۽ آبادي.

مَضامِين؛ ذ (ع) 'مضمون' جو جمع.
مُضائقہ؛ ذ (ع) ڪمي- مشڪل. حرج- نقصان. ڊپ.
مَضبُوط؛ ظ (ع) مُستحڪم- پڪو- قابو. ٺاڦو- سخت.
مَضحَڪہ؛ ذ (ع) کِلَ. مذاق- چرچو- ٺٺول. چٽر.
مَضحڪہ خيز؛ ص. ٺٺول جهڙو- کِلَ جهڙو.
مُضِرُ؛ ص (ع) ضرر رسائيندڙ- نقصانڪار.
مِضرابَ؛ ث (ع) تارن واري ساز وڄائڻ لاءِ لوهہ جو ٽُڪندو ڇلو- جَربَ.
مَضرَت؛ ث (ع) نقصان- زيان. ضرر.
مَضرت رسان؛ ص. نقصان رسائيندڙ.
مُضطَرِب؛ ص (ع) بيقرار- بي چين- پريشان.
مُضمحِل؛ ص (ع) سست. ٿڪل. سائو. اپرو. هيٺو. اُداس- دلگير.
مُضمَر؛ ص (ع) لڪل- پوشيدو- مخفي.
مَضمَضہ؛ ذ (ع) ڪُرڙي- غراغَرو.
مَضمُونُ؛ ذ (ع) ڪنهن موضوع تي لکيل عبارت يا تحرير. مطلب- معنيٰ.
مضمون آفرِيني؛ ث. نئين ڳالهہ پيدا ڪرڻ.
مضمون نگار، مضمون نويس؛ ص. مضمون لکندڙ- ليکڪ.
مُطابِق؛ ظ (ع) جهڙو- مثل- وانگر- جيئن. موافق- برابر.
مطابِقَت؛ ث. هڪ جهڙائي- مشابهت. برابري- يڪسانيت.
مُطالِبو؛ ذ (ع) پنهنجي حَق جي گهُر- دعويٰ. گهرَ- ٺهراءُ. طلب.
مُطالعُ، مطالِعو؛ ذ (ع) ڪنهن شيءِ کي سمجهڻ لاءِ ڏسڻ. پڙهڻ- اڀياس. غور سان جانچ.
مَطَب؛ ذ (ع) جنهن جاءِ ۾ طبيب علاج ڪري-

طبابت خانو- شفاخانو. دواخانو.
مَطبَخ: ذ (ع) رڌڻو- بورچيخانو.
مَطبَعُ: ذ (ع) ڇاپخانو- پريس.
مَطبُوع: ص (ع) ڇپيل.
مُطرِبُ: ص (ع) ڳائڻو- گويو. قوال.
مُطلا: ص (ع) سونو- طلائي- زرين.
مَطلبُ: ذ (ع) مقصد. ارادو. معنيٰ. فائدو. غرض.
مَطلب بَرارِي: ث. ڪم نڪرڻ. حصول مطلب. حاجت روائي.
مَطلب پورو ٿيڻ: ڪم نڪرڻ. مقصد حاصل ٿيڻ. مراد پوري ٿيڻ.
مَطلبِي: ص. خودغرض- پنهنجي فائدي جو غرض رکندڙ.
مَطلَع: ذ (ع) غزل جو پهريون شعر (جنهن ۾ ٻئي مصراعون هم قافيي ٿين).
مُطلعُ: ص (ع) اطلاع ڪيل. واقف- آگاه.
مُطلقُ: ص (ع) آزاد. خودمختار. (ظ) بالڪل- قطعي.
مُطلقَ العِنان: ص. ڇڙواڳ- آزاد. خودمختار.
مُطلقہ: ص (ع) طلاق ڏنل (عورت).
مَطلوُب: ص (ع) طلب ڪيل- گهريل. جنهن شيءِ جي طلب يا خواهش هجي. معشوق- محبوب.
مَطمَح: ص (ع) متانهون- مٿي. (ذ) نظر پوڻ جو هنڌ- نظارو. مقصد.
مَطمح نظر: ذ. نگاه جو مرڪز. اصل مقصد.
مُطهر: ص (ع) پاڪ- صاف- پوتر.
مُطمَئِن: ص (ع) بي فڪر- آسودو- بي اونو.
مُطِيع: ص (ع) اطاعت ڪندڙ- فرمانبردار. ماتحت- تابعدار.
مُطيع ڪرڻ: تابعدار بنائڻ. آڻ مڃائڻ.
مَظالِمَ: ذ (ع) ظلم- سختيون- ڏاڍ.
مَظاهِرَ: ذ (ع) 'مظهر' جو جمع. نظارا- لقاءَ.
مُظاهَرو: ذ (ع) مدد- حمايت. ڪنهن خاص معاملي جي تائيد يا مخالفت ۾ اجتماع. اجتماع جو گشت.
مُظفرُ: ص (ع) فتحياب- سوڀارو.
مَظلُومُ: ص (ع) جنهن تي ظلم ڪيل هجي- ستم زده- ستايل- آزاريل.
مَظلومِي، مَظلوُمِيَت: ث. ظلم- ڏاڍ- ستم. ستم رسيدگي.
مَظهرُ: ذ (ع) ظاهر ٿيڻ جي جاءِ. پڌرائي- اظهار.
مَعَ: ظ (ع) ساڻ- سميت- گڏ- شامل.
مَعا: ظ (ع) ساڻ ئي- گڏئي. فورا- اوچتو.
مَعاذُ: ذ (ع) پناه جي جاءِ. پناه- حفاظت.
مَعاذ الله: ذ. خدا جي پناه! خدا بچائي! خدا نہ ڪري!
مَعارِفُ: ذ (ع) مختلف هنر. علم ۽ هنر.
مَعاشَ: ث (ع) روزي- رزق. گذران. کاڌو خوراڪ.
مَعاشرَت: ث (ع) رهڻي ڪهڻي- اُٿي ويٺي. سڪَ واري حياتي.
مُعاشرو: ذ (ع) گڏجي رهڻ ۽ زندگي گذارڻ. سماج- سوسائٽي.
مُعاصِرُ: ص (ع) هم عصر- ساڳئي دور جا. سانباري.
مَعافُ: ص (ع. مُعاف) بخش. ڇڏيل. آزاد. درگذر.
مَعاف ڪرڻ: بخش ڪرڻ. درگذر ڪرڻ. ڇڏڻ.
مَعافِي: ث. بخشش- نجات. ڇوٽڪارو.
مُعالِجُ: ص (ع) علاج ڪندڙ- طبيب- ويڄ.
مُعالجہ: ذ (ع) دوا درمل- علاج.
مُعاملات: ذ (ع) ڪاروباري مسئلا. تڪرار- معاملا.
مَعاملو: ذ (ع. معاملہ) عمل. ڪم ڪار. ڪاروبار- ڏنڊو. ڏيتي ليتي. وهنوار. واقعو. جهڳڙو- تڪرار.
معاملائِي: ث. جهڳڙالو- ڦڏئي.

معاملي شُناس، معامل فهم: ص. تجربيڪار- آزمودگار. سمجهو.

معاملو ڪرڻ: نبيرو ڪرڻ. تڪرار ڪرڻ.

مُعانِقہ: ذ (ع) ٻغلگيري- ڀاڪر.

مَعانِي: ذ (ع. "معنيٰ" جو جمع) معناڻون. مطلب. لفظن کي موقعي تي استعمال ڪرڻ جو علم.

مُعاوَضو: ذ (ع) بدلو- عيوض. ملهہ- اُجرت. محنتاڻو- پورهيو.

مُعاوِنُ: ص (ع) مددگار- ٻيلي. حمايتي. اسسٽنٽ- ماتحت.

مُعاوَنَت: ث (ع) مدد. حمايت.

مُعاونت ڪرڻ: واهر ڪرڻ- مدد ڪرڻ.

مُعاهِدو: ذ (ع) عهدنامو- اقرارنامو. ناهہ- صلح.

مُعائِنو، مُعايَنو: ذ (ع) اکين سان ڏسڻ. مشاهدو. جائزو. جانچ.

مُعائنو ڪرڻ: جانچ پڙتال ڪرڻ. چڪاس ڪرڻ.

مَعبَد: ذ (ع) عبادت جي جاءِ- عبادتگاه (مسجد، ديول، مندر وغيره).

مَعبُودُ: ص (ع) جنهن جي عبادت ڪجي. الله تعاليٰ.

مُعتَبَر: ص (ع) اعتبار جوڳو- ڀروسي جهڙو.

مُعتَبَرِي: ث. اعتبار- ساک. عزتمندي.

مُعتَدِل: ص (ع) اعتدال وارو. وچٿرو- درميانو. پورو پنو.

مُعتَرِض: ص (ع) اعتراض ڪندڙ. روڪيندڙ- ٽوڪيندڙ.

مُعتَرِفُ: ص (ع) مڃيندڙ- قبول ڪندڙ. اقراري.

مُعتَقِد: ص (ع) اعتقاد رکندڙ- مڃيندڙ. ڪنهن شخص يا فرقي جو پوئلڳ.

مُعتَمَد: ص (ع) اعتبار جوڳو- ڀروسي جهڙو- معتبر.

مَعتُوب: ص (ع) عتاب هيٺ آيل.

مُعجِز: ص (ع) عاجز ڪندڙ. وس کان ٻاهر. (ذ) معجزو.

مُعجِز بَياني: ث. اعليٰ درجي جي خوش بياني. فصاحت ۽ بلاغت جو ڪمال.

معجزنما: ص. حيرت جهڙو.

مُعجِزو: ذ (ع) اهو ڪم جيڪو انسان فطرت کان ٻاهر هجي. اهو ناممڪن ڪم جيڪو نبي سڳوري کان ٿئي.

مُعَجَّل: ص (ع) جلدي ۾ ڪيل. (ذ) نڪاح وقت فورا ادا ڪيل حق مهر.

مَعجُون: ث (ع) دوائن جو مُرڪب.

مَعدَنُ: ذ (ع) کاڻِ (سون، چاندي، ڪوئلي وغيره جي).

مَعدَنِي: ص. کاڻ مان کوٽي ڪڍيل.

مَعدَنِيات: ث (ع) زمين مان کوٽي ڪڍيل ڌاتُو وغيره.

مَعدو: ذ (ع) جسم جو هڪ عضوو (پيٽ ۾ کاڌي گڏ ٿيڻ ۽ هضم ٿيڻ جي ڳوٿري)- اوجهري. شِڪم- ڍِڍُ.

مَعدُوم: ص (ع) نابود- تباه- فنا. گُم.

مَعذِرَت: ث (ع) عذر- بهانو- حيلو. وات ٺڪائي.

مَعذُورُ: ص (ع) عذر وارو. معافي لائق. اپاهج- جڏو. عاجز- بيوس.

مَعذوري: ث. مجبوري. بيوسي. لاچاري.

مُعَرا: ص (ع) اگهاڙو- ننگو. خالي- سادو. پاڪ- صاف. (ذ) اهو نثر جيڪو مُقفيٰ نہ هجي.

مِعراجُ: ذ (ع) ڏاڪڻ. مٿانهين هنڌ تي چڙهڻ جو وسيلو. چاڙهي. حضور نبي سڳوري جو آسمان تي وڃڻ ۽ الاهي تجلي جو نظارو ڪرڻ. انتهائي عروج. ترقي جي مٿانهين منزل. اعليٰ رتبو.

مَعرِض؛ ذ (ع) ظاهر ٿيڻ جو هنڌ.
مَعرِضِ اِلتويٰ؛ ذ. ملتوي ڪرڻ.
مَعرِضِ وُجود؛ ذ. وجود ۾ اچڻ. ظاهر ٿيڻ.
مَعرِفَت؛ ث (ع) سڃاڻپ- واقفيت. علم الاهي يا قدرت جي قانون جي ڄاڻ. خداشناسي. وسيلو (ظ) هٿان- وسيلي- ذريعي.
مَعرِڪو؛ ذ (ع. معرڪه) اهو هنڌ جتي ماڻهو گڏ ٿين. جنگ جو ميدان. لڙائي- جنگ. جهيڙو. هُجوم- پيڙ. شادي وغيره جي محفل.
مَعرڪة الآرا؛ ص. جنگ لاءِ تيار. زبردست. مقابلي لاءِ زور وٺائيندڙ.
مَعرڪي آرائي؛ ث. لڙائي لاءِ صف بندي. مقابلو. جنگ- لڙائي.
مَعرُوف؛ ص (ع) مشهور- ڄاتل.
مُعَزز؛ ص (ع) عزت وارو- عزتمند. بزرگ. شريف.
مَعزُول؛ ص (ع) هٽايل- لاٿل- برطرف (ڪنهن ملازمت، عهدي يا فرض ادائي تان).
مَعشُوق؛ ص (ع) جنهن سان عشق ڪجي. جنهن تي ڪو عاشق هجي. محبوب- پيارو- دلبر.
مَعصُوم؛ ص (ع) گناه کان بچيل- پاڪدامن. بي گناه. ڀالو ڀولو. (ذ) ننڍڙو ٻار- ابهم.
مَعصُومي. مَعصُوميَت؛ ث. پاڪدامني. بيگناهي. ڀورڙائي. ننڍپڻ.
مَعصِيَت؛ ث (ع) گناه- خطا- قصور- پاپ.
مُعَطر؛ ص (ع) خوشبودار- سُرهو. سڳند وارو.
مُعَطل؛ ص (ع) ڪم کان نڪتل- ڪم کان ويل. بيڪار. ڪجهه وقت لاءِ ملازمت کان برطرف.
مُعَطلي؛ ث. عارضي برطرفي. التوا- مُهلي.
مُعَظم؛ ص (ع) وڏو- بزرگ. عزت لائق.

مَعقُول؛ ص (ع) عقل ۾ آيل. عقل جوڳو. مناسب- درست. وڻندڙ. لائق. موزون.
مَعقُوليَت؛ ث. انسانيت- ماڻهپو. سمجهه.
مُعَلق؛ ص (ع) لٽڪيل- ٽنگيل.
مُعَلم؛ ص (ع) علم سيکاريندڙ. اُستاد. حج جي موقعي تي دُعائون پڙهائيندڙ مقرر شخص. ملاح- ناکئو.
مُعَلمي؛ ث. اُستادي- سکيا. ماستري.
مَعلُوم؛ ص (ع) ڄاتل. سمجهيل. پڌرو- واضح. مشهور.
معلوم ڪرڻ؛ ڄاڻڻ. سمجهڻ- پُرجهڻ. پروڙڻ. محسوس ڪرڻ. سڃاڻڻ.
مَعلُومات؛ ث (ع) ڄاڻ. واقفيت.
مُعليٰ؛ ص (ع) اوچو- بلند- مٿانهون.
مُعَما؛ ث (ع) لِڪل ڳالهه. ڳجهه. پرولي- ڳجهارت. ڳوڙهو مسئلو.
معمار؛ ذ (ع) عمارت ٺاهيندڙ- اڏاوت ڪندڙ. رازو.
مُعَمر؛ ص (ع) وڏي ڄمار جو. پوڙهو- ٻُڍو.
مَعمُور؛ ص (ع) ڀريل- ڀُر- لبريز- ڪنان تار. آباد- وَسيل.
مَعمُول؛ ذ (ع) جنهن شخص تي تنويمي عمل ڪيل هجي. روزانو عمل- ٽيت. رواج- قاعدو. عادت- هيرَ.
مَعمُولات؛ ث. روزمره جا ڪم- عادتون.
مَعمُولي؛ ص (ع) عادت موجب- رسمي. مروج. رواجي- خسيس.
مَعنيٰ؛ ث (ع) مطلب- ارٿ. منشا- مراد- مقصد. سبب. اصليت. حقيقت.
مَعنَوي؛ ص. معنيٰ ۾. معنيٰ مطابق. اصلي- ذاتي. حقيقي. باطني.
مُعَنبر؛ ص (ع) عنبر جي خوشبو لڳل. سُرهو- خوشبودار.

مُعَنوَن، ص (ع) عنوان ڪيل. نالي ڪيل. منسوب.

معيارُ، ذ (ع) ماپو- ماڻُ. وَٽُ (تور جو). پرک- جانچ اندازو. پيمانو. ڪسوٽي.

مُعَيَنُ، ص (ع) مقرر ڪيل.

مَعِيشَت، ث (ع) زندگي- حياتي- جياپو. روزگار- روزي.

مَعيُوبُ، ص (ع) عيبدار. ناقص.

مَعِيت، ث (ع) همراهي- رفاقت- سات.

مُغ، ذ (ف) آتش پرست- گبر- مجوسي. ڪلال- شراب وڪڻندڙ. (جمع. مُغان).

مُغالِطو، ذ (ع) فريب- دغا. غلط فهمي. شڪ. غلطي.

مُغايَرَت، ث (ع) ڌاريائي. جدائي. مخالفت.

مَغرِبُ، ذ (ع) سج لهڻ وارو طرف- الهندو. الهندي وارا ملڪ (يورپ). سانجهي. سج لهڻ جو وقت. سانجهي نماز.

مَغربي، ص. اولهه وارو. يورپ جو.

مَغرُورُ، ص (ع) غرور وارو- تڪبر ڪندڙ. هٺيلو- ضدي. گهمنڊي. وڏائي خور.

مَغرُوري، ث. تڪبر- وڏائي. هٺ.

مَغزُ، ذ (ف) ڪنهن به چيز جو اندريون حصو. دماغ. ميڄالو. گودو. عقل- سمجهه. خيال. تخم- ٻجُ.

مغز خالي ٿيڻ، ذهني ٿڪ ٿيڻ.

مغز خوري، ث. خفو. دماغي پورهيو.

مغز ڦرڻ، دماغ ۾ خلل ٿيڻ. چريو ٿيڻ. مغز ۾ پنوائي اچڻ.

مغز ڦِريل، ص. ضدي. هٺيلو. آڪڙباز. چريو- مست. ابتي سمجهه وارو.

مغز کائڻ، بڪ بڪ ڪرڻ. اجايو بحث ڪرڻ. هُل ڪرڻ.

مغز کپائڻ، متو هڻڻ. سمجهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ. دماغي پورهيو ڪرڻ.

مَغز وارو، ص. سمجهو- سياڻو- ڏاهو.

مَغزِي، ث. ڪپڙي جي ڪنار واري ٽوپو ڏيڻ. اوٽيءَ جو هڪ قسم. آنڊي- ڪِناري.

مَغزات، مَغزِيات، ث. ٻج وارن وڻن جا جدا ڪڍيل ٻجَ (جهڙوڪ بادام. اکروٽ. پستا. گدرو. ڏاڏا وغيره).

مَغفِرت، ث (ع) نجات- ڇوٽڪارو. بخشش- معافي.

مَغفُورُ، ص (ع) بخش ڪيل. مرحوم. جَنتي.

مُغَلُ، ذ (ف) ترڪستان علائقي جي رهندڙ قوم. هڪ ذات جو نالو.

مَغلُوبُ، ص (ع) هارايل. دسيل. شڪست کاڌل. هيسيل.

مَغمُوم، ص (ع) غمگين- ڏکارو. مايوس. اداس.

مُغَنِي، ص (ع) ڳائڻو- گويو. ڪلاونت.

مُغنِيه، ث. ڳائڻي.

مَفادُ، ذ (ع) فائدو- نفعو.

مَفارَقت، ث (ع) جدائي- وڇوڙو- فراق.

مُفاصِلو، ذ (ع) پرانهين- دُوري. وڇوٽي. مسافري.

مُفتُ، ص (ف) بنان قيمت- ري مُلهه. سستو. بي فائدو. خواه مخواه. هرويرو.

مفت خورُ، ص. مفت جو مال کائيندڙ.

مفت جو مالُ، ذ. بنان محنت هٿ آيل مال.

مُفت ۾، ظ. ناحق- بي سبب. هرويرو.

مفتاحَ، ث (ع) چابي- ڪنجي.

مَفتُوح، ص (ع) فتح ڪيل- کٽيل.

مَفتُون، ص (ع) موهت- عاشق- فدا.

مُفتِي، ص (ع) فتوي ڏيندڙ. شرعي فيصلو ڏيندڙ.

مُفَرِحُ، ص (ع) فرحت ڏيندڙ. خوش ڪندڙ. دل ۽

جگر کي قوت ڏيندڙ لزيز دوا.

مُفرَد: ص (ع) اڪيلو- جدا. هڪ- واحد. رياضي موجب اهو عدد جيڪو جزن ۾ ورهائجي نه سگهي (جئن، ٣، ٧، ٢٣ وغيره).

مَفرُور: ص (ع) فرار ٿيل- ڀڳل- روپوش.

مَفروري: ث. ڀاڄ- فرار.

مَفرُوض: ذ (ع) فرض ڪري ورتل مثال- مثال طور- قياسي. اها ڳالهه جنهن جو اصل نه هجي.

مُفسِد: ص (ع) فساد ڪندڙ- فسادي- فتنه انگيز. ڇرڇ ڪندڙ. جهيڙاڪ. سرڪش- باغي. ڇيٽاڀور.

مُفَسِر: ص (ع) معنيٰ بيان ڪندڙ. شرح بيان ڪندڙ. قران شريف جي معنيٰ ۽ مطلب بيان ڪندڙ.

مُفَصَّل: ص (ع) تفصيل وار- وچور وار. کولي بيان ڪيل. کُليل. صاف. واضح.

مَفعُول: ص (ع) ڪم ڪيل. بدفعلي ڪرائيندڙ (مرد). (ذ) گرامر موجب اهو اسم جنهن تي ڪم ٿيو هجي.

مَفقُود: ص (ع) غائب- گم. ناپيد.

مُفڪِر: ص (ع) فِڪر ڪندڙ. سوچيندڙ- غور ڪندڙ.

مُفلِس: ص (ع) غريب- محتاج- نادار- ڪنگال- پينگو.

مُفلِسي: ث. غربت- محتاجي- تنگدستي.

مَفلُوج: ص (ع) اڌ رنگ جي بيماريءَ ۾ ورتل- فالج زده.

مَفلُوڪ: ص (ع) مفلس- پينگيو- ڪنگال.

مَفلوڪ الحال: ص. پينگيو- سُڃو. نادار.

مَفهُوم: ذ (ع) مطلب- مقصد- معنيٰ. سمجهه.

مُفِيد: ص (ع) نفعو ڏيندڙ- فائديمند. لاڀائتو- سودمند.

مُقابِل: ظ (ع) سامهون ايندڙ. اڳيان آيل. آمهون سامهون. روبرو- ڏوبدو. مخالف. دشمن.

مُقابِلو: ذ (ع) اڳيان اچڻ. ڀيٽ. برابري- همسري. مخالفت. لڙائي. تڪرار. ڇتاڀيٽي. ضد.

مُقابلو ڪرڻ: سامهون اچڻ- وڙهڻ. تڪرار ڪرڻ. برابري ڪرڻ. ڀيٽ ڪرڻ.

مَقاصِد: ذ (ع) "مقصد" جو جمع.

مُقاطعو: ذ (ع. مُقاطعہ) مقرر معاوضي تي ڪم جي بول- ٺيڪو.

مقاطعي دار: ص. ٺيڪيدار- اجاريدار.

مَقال: ث (ع) گفتگو- ڳالهه ٻولهه.

مَقالو: ذ (ع) قول. ڪلام. چيل ڳالهه. ڪتاب. ڪتاب جو حصو- باب- فصل. مضمون.

مَقام: ذ (ع) ترسڻ جي جاءِ- رهڻ جي جاءِ. بيٺڪ- منزل. رتبو- درجو. گهرُ- مڪان.

مَقامي: ص. ترسيل- رهيل. ساڪن- رهندڙ. آباد.

مُقام: ذ (ع) قبرستان.

مقامي: ص. قبرستان جو سنڀاليندڙ- مجاور.

مَقامات: ذ (ع) "مقام" جو جمع. احڪام- قاعدا.

مَقبرو: ذ (ع) قبر- گور- مزار- تربت. قبر تي ٺيل اڏاوت- روضو. درگاه.

مَقبُوض: ص (ع) قبضي ۾ ڪيل- قبايل.

مَقبُول: ص (ع) قبول ڪيل. مڃيل. پسنديده.

مَقبُوليت: ث. قبوليت. منظوري. پسنديدگي.

مُقتدا. مُقتديٰ: ص (ع) پيروي ڪيل. اهو شخص جنهن جي پيروي ڪجي. اڳواڻ- رهنما.

مُقتَدِي: ص. پيروي ڪندڙ- پوئلڳ. امام جي پٺيان بيهندڙ- مقلد.

مُقتَدِر: ص (ع) طاقتور- جبرو. اقتدار وارو- اقتدار مليل. (ذ) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

مُقتضي: ص (ع) سَڏ ڪيل. گهُرَ ڪيل. مطلب- مراد.

مَقتَلُ: ذ (ع) قتل ڪرڻ جو هنڌ- قتل گاهه.
مَقتُولُ: ص (ع) ماريل- قتل ڪيل. ڪُٺل. عاشق.
مِقدارُ: ذ (ع) ماپ. تور. وزن. جسامت- ٿولهه. اندازو. تعداد. وسعت- پکيڙ.
مُقدَرُ: ذ (ع) قسمت جو لکيو- تقدير. نصيب- ڀاڳ.
مُقدر جو لکيو: ذ. تقدير- ڀاڳ- نصيب. ازل جو انگ.
مُقدس: ص (ع) پاڪ- پوتر (ماڻهو يا جاءِ). ڀلارو. بزرگ.
مُقدَس هَستِي: ذ. نيڪ ماڻهو. بزرگ شخص (ولي يا پيغمبر وغيره).
مُقَدَمُ: ص (ع) اڳيان- پيش. پهريون- اڳيون. گذشته- قديم- سابق. لازمي- واجب. معزز- بزرگ. اعليٰ- افضل. (ذ) آب پاشي کاتي جو هڪ ملازم.
مُقَدمو: ذ (ع) آغاز- شروعات- ابتدا. تمهيد- ديباچو. ڪتاب جي منڍ ۾ لکيل عبارت. واقعو. مسئلو. فرياد- دعويٰ.
مَقدُورُ: ذ (ع) سگهه- طاقت- زور. حوصلو- حيثيت. وس- اختيار. پهچ- رسائي.
مِقراضُ: ث (ع) ڪئنچي- ڪتر.
مُقَرَبُ: ص (ع) قريب ڪيل- ويجهو ڪيل. اهو شخص جنهن کي قرب حاصل هجي. خاص دوست- ساٿاري.
مُقَرَبِي: ذ. "مُقرب" جو جمع.
مُقَرَرُ: ظ (ع) بيٺل (ڪنهن ڪم يا ذميداري تي)- ويهاريل (نوڪريءَ ۾). برقرار- متعين.
مُقرر ڪرڻ: ويهارڻ (نوڪري ۾). ڪم ۾ لڳائڻ- ملازمت ۾ رکڻ.
مُقَرَرِي: ث. ملازمت- نوڪري.
مُقَرِرُ: ص (ع) تقرير ڪندڙ.

مَقرُوضُ: ص (ع) جنهن کي قرض ڏنل هجي- قرضي.
مَقصَدُ: ذ (ع) ارادو- مطلب- مدعا. رٿا- منصوبو.
مَقصُود: ص (ع) مطلب- غرض- مدعا.
مقصود بالذات: ث. اها شيءِ جيڪا خودمقصود هجي.
مَقطَع: ذ (ع) غزل يا قصيدي جو آخري شعر جنهن ۾ شاعر جو تخلص هجي.
مُقَطعات: ذ (ع) ٽُڪرا (ڪپڙي، شعر جا). قرآن شريف جي ڪن سورتن جي شروع ۾ آيل خاص حروف (مثلا الم. يٰسن وغيره).
مَقعَد: ث (ع) ويهڻ جي جاءِ. ويهڪ. چُتِ- ڪُني.
مُقفيٰ: ص (ع) قافين وارو (نثر يا شعر).
مُقفل: ص (ع) ڪلف لڳل- تالو لڳل.
مُقلِد: ص (ع) مريد- چيلو- پوئلڳ.
مَقناطِيسُ: ذ (يوناني) پٿر جو هڪ قسم جيڪو لوهه کي پاڻ ڏانهن ڇڪي.
مُقَنِن: ذ (ع) قانون ڄاڻندڙ. قانون ساز.
مَقُولو: ذ (ع) قول- سخن. اهو جملو جيڪو عام مشهور ٿي وڃي.
مُقوِي: ص (ع) قوت وارو- سگهارو. ٻل ڏيندڙ. قوت وڌائيندڙ.
مِقيَاس: ذ (ع) پيمانو. ماپ جو اوزار.
مِقياس الحرارَت: ذ. گرمي ماپڻ جو اوزار- ٿرماميٽر.
مُقيد: ص (ع) قيدي- باندي- اسير.
مُقيشُ: ذ (ع) سون يا چاندي جي تار (پرت پرڻ جي ڪم اچي)- بادلو. زري.
مُقيمُ: ص (ع) رهندڙ. قيام پذير. رهاڪو.
مَڪَ: ث. ڪبڙ يا ڄارَ جا سياري جي منڊ وارا سنهڙا پيرون.
مُڪَ: ث. بند مُٺ. مُٺَ جو ڌڪُ. گهوسو- ٺونشو.

مُڪون هڻڻ، ٽنگن کي مڪون هڻي ٽڪ يا سُورَ لاهڻ.

مَڪاتِبُ، ذ (ع) "مڪتب" جو جمع.

مَڪاتِيبُ، ذ (ع) خط پٽ.

مَڪارُ، ص (ع) مڪر ڪندڙ. دوکيباز. ٺڳ. فريبي.

مَڪارِي، ث. دغا- فريب. ٺڳي.

مُڪاشَفو، ذ (ع) ڪشف ڪرامت. راز جو اظهار. ولي الله کي غيب جي اسرار جي خبر.

مُڪافات، ث (ع) عيوض- بدلو.

مُڪافات عمل، ذ. اعمالن جو بدلو. گناهن جي سزا.

مُڪالِمو، ذ (ع) ڳالهه ٻولهه. گفتگو.

مَڪانُ، ذ (ع) رهڻ جي جاءِ. گهر. آستان- ٺڪاڻو. اوتارو. ڊائرو. ماڳ- هنڌ. جُوءِ.

مَڪانِي، ص. مڪان جو. پنهنجي ديس جو- پنهنجي مُلڪ جو.

مَڪائِڻ، ث. جوئر جو هڪ قسم.

مَڪائِي، ث. هڪ قسم جي پوک ۽ اناج- مڪئي.

مُڪائِڻُ، م. ختم ڪرڻ (مسئلو)- نبيرڻ. چُڪائڻ.

مُڪتُ، ص (سن) ڇُٽل- آزاد- آجو.

مُڪتَبُ، ذ (ع) ابتدائي تعليم وارو مدرسو- ڪُتاب. درسگاه. پرائمري اسڪول.

مَڪتُوبُ، ذ (ع) خط- چٺي.

مَڪتُوب اِليه، ذ. اهو ماڻهو جنهن کي خط لکيو ويو.

مُڪتِي، ث (سن) نجات- ڇوٽڪارو. گناهن جي سزا کان آجائي.

مَڪَٽُ، ذ. خلق جو اجتماع. هجوم جو هُل. گوڙ گهمسان.

مُڪَٽُ مچڻ، ميڙو مچڻ. گوڙ گهمسان ٿيڻ. گهڻن ماڻهن جي ميڙ جو هُل هنگامو ٿيڻ.

مُڪَٽُ، ذ (سن) تاج- ڇَٽُ. ڪلنگي. گهوٽ جو مٿي تي ٻاڌل ڇَٽُ.

مُڪَدَر، ص (ع) ميرو- گدلو. مَلوُل (طبيعت ۾).

مَڪَرُ، ذ (ع) دغا- فريب- دوکو. ٺڳي. بهانو. ڪُوڙ. ڍونگ.

مَڪرِيلُ، ص. مڪر ڪندڙ. فريبي. ڍنگ باز.

مُڪَرَرُ، ص (ع) وري وري چيل. وري وري. ٻيو ڀيرو- دوباره.

مُڪَرَمُ، ص (ع) عزت وارو. بزرگ. معزز.

مَڪروهُ، ص (ع) ڪراهت وارو. نفرت جوڳو. بدنما. ناجائز (فعل).

مَڪُرِي، ث. ٻيڙي- ڪشتي- ناؤ.

مَڪَڙُ، ذ. مشهور اُڏامندڙ جيت (جيڪو لکن ڪروڙن جي تعداد ۾ ڪڪر ڪري اُڏامي، ۽ وڻن پوکن کي ڪائي ناس ڪري).

مَڪڙو، ذ. هرلي يا گهاڻي جي ڪاٺ ۾ پيل سل نڪتل ڪاٺي. پهلواني جو هڪ داءُ- جانٺو- انگڙو. ڀُوري يا سونهري رنگ جو گهوڙو جنهن جون نريون، ٻشڪون، ٻُڇ ۽ ڪرنگهو ڪارا هجن.

مَڪڙِي، ث. ٽِڏ جي قسم جو ڪوبه جيت.

مُڪڙيون، ث. ٽنگن مان ٿڪ لاهڻ لاءِ مُٺيون يا مُڪن سان ڌڪ هڻڻ.

مُڪڙيون هڻڻ، منيون هڻڻ- پيڙون ڏيڻ.

مُڪعَبُ، ذ (ع) چورس (جسم) جنهن جي ڊيگهه، ويڪر ۽ اوچائي هڪ جيتري هجي.

مَڪلي، ث. ٺٽي ضلعي جي مشهور تاريخي ٽڪري.

مُڪَمَلُ، ص (ع) پورو- سالم- ثابت- سڄو. سمورو.

مَڪنو، ص. مست- ڇريو. بي پرواهه.

مَڪنو هاٿي، ذ. مست هاٿي. (ص) زوراور- ڏايو جوان.

مَڪو، ذ (ع. مَڪه) عربستان جو مشهور شهر (جتي ڪعبة الله آهي).

مَڪو مچڻ؛ توري محنت سان گهڻو نفعو تيڻ. وارو ورڻ- ڀاڳ لڳڻ.

مَڪَئي؛ ث. هڪ قسم جو اوڙ (اناج ۾ شمار ٿئي).

مَڪِيهُ؛ ص (ع) مڪان ۾ رهندڙ. ويٺل- ساڪن.

مڪِ؛ ث. مشهور اُڏامندڙ جيت. بندوق يا پستول جي نال وارو اهو نشان جيڪو سِڌائيءَ ۾ نشان چٽڻ ۾ مدد ڪري.

مَڪُ؛ ذ. گيهه يا تيل جي سٿپ جو هَٽُ.

مِڪُ؛ ث (ف. مُخ) هڏن جو گودُو. نريءَ جو گودو.

مُڪُ؛ ذ (سن) مُنهن- چهرو. رُخ. واتُ. مُنڍ- اصل. اڳواڻ. راڄ جو چڱو مڙس.

مڪاميلو؛ ذ. آمهون سامهون ملاقات. گڏجاڻي. ميلاپ.

مڪائِڻُ؛ ذ. تيل جو هٽ هٽائڻ. آڍ مک ڪرائڻ.

مَک چِک؛ ث. مهٽ سهٽ (بدن کي). هارسينگار.

مِڪِرُ؛ ذ (ع. مَڪَرُ) بهانو. مَڪُر. ڍوُنگ. فريب.

مڪِرِيل؛ ص. مڪر ڪندڙ. ڍونگي.

مُڪرِي، مُڪِڙي؛ ث. ڪَلِي- شگوفو.

مڪڙو؛ ذ. مُنهن- چهرو. واتُ.

مَڪَڻُ؛ ذ. ولوڙيل کير مان نڪتل سٿپ- مَسڪو.

مَڪَڻُ؛ م. لائڻ- لڳائڻ (سٿپ. تيل وغيره). مَلڻ- مهٽڻ.

مڪڪهارو؛ ذ. مکين کان بچاءُ يا سُونهن طور گهوڙي جي ٻوٽ تي ٻڌل موڙ.

مڪِئي؛ ث. گاهه جو هڪ قسم.

مکو؛ ذ. اُڏامندڙ جيت جو هڪ قسم. نيري رنگ جي وڏي مک.

مکوراڙِ؛ ث. ڪنهن شيءِ تي گهڻين مکين جي جهنگَ. مکين جي گهڻائي.

مکِي؛ ث. مکِ (اڏامندر جيت). سانگهڙ ضلعي ۾ هڪ ڍنڍ ۽ جوءِ.

مکي چُوس؛ ص. مکين جو جهنگيل کاڌو کائيندڙ- ڪنجوس.

مکيون مارڻ؛ واندو رهڻ. بي فائدي ڪم ڪرڻ.

مُکِي؛ ص (سن) سردار- حاڪم. مکيه ماڻهو. اڳواڻ.

مُکيه؛ ص (سن. مک) منڍ وارو- شروعاتي. اڳيون. مشهور. خاص.

مُکِيارُ؛ ص. اختيار وارو. ڳالهائڻ جو حق رکندڙ.

مُکيارِي؛ ث (ع. مختاري) دڪاندار ۽ گراهڪ جي وچ ۾ پسند يا ناپسند جو اقرارنامو (جنهن ۾ نه وٺڻ جي حالت ۾ دڪاندار ورتل چيز موٽائي وٺڻ لاءِ ٻڌل رهندو).

مُڪدَرُ؛ ذ. مُهرِي. ڪسرت لاءِ ڪاٺ جو ٿاند پُجو مُهرو.

مَگرَ؛ ظ (ف) ليڪن- پر.

مَگرُ. مَغَرُ؛ ذ. تڪبر- هٺ- وڏائي- غرور.

مگرُمانُ؛ ذ. هڪ پاسي وڄائڻ وارو اُبو دُهل (خاص ڪري، مڪران ۽ آفريڪا جي ساحلي علائقن جا رهاڪو وڄائين).

مگرُو؛ ذ. موتئي جي گل جو هڪ قسم- وڏو موتيو گل.

مَگس؛ ث (ف) ماکيءَ جي مک. مَکِ.

مَگَنُ. مگهَنُ؛ ص (سن) غرق- ٻڏل (غور. فڪر، عشق، خوشيءَ ۾). مست. خوش. بيخود.

مَگُ؛ ص. مست- مَنگن. بي پراهه. موج ۾. خوش. ڀاول. مغرور.

مَڱَ؛ ث. گهُرَ- طلب. مڱيندي- مڱڻو تيل.

مُڱَ؛ ذ. هڪ قسم جو اناج (مڱن جي ڦريءَ مان نڪتل داڻا).

مُڱَ؛ ذ. مُڱَ جو هڪ داڻو. رَتيءَ جو چوٿون حصو.

مڱائِڻُ؛ م. مڱڻو ڪرائڻ.

مڱرَ؛ ث. ٻاهه- جيرو- آگ. ٻارڻُ.

مَکَرُ: ذ. رستو- واٽ- گس.

مگرو: ذ. مُهرو- مُهرِي. ڏگري- سوٽٽي. کٽيءَ جي کمر جو مگدر (ٺڪِرن کي سٽڻ يا کوٽڻ ڏيڻ لاءِ). (ث. مگري).

مَگرِيا: ذ. هڪ ذات جو نالو.

مَڱڻُ: مر. منگڻ- گهُرڻ- طلبڻ. سوال ڪرڻ. پنڻ.

مَڱڻو: ص. منگتو- سوالي- گداگر.

مَڱڻو: ذ. شاديءَ کان اڳ جي هڪ رسم (سڱاوتي جي پڪائي لاءِ).

مَڱڻهارُ: ص. دهل شرناءِ وڄائي لاڳ وٺندڙ منگتو.

مَگيندو: ص. مڱيل (جنهن جو اڃان فقط مڱڻو ٿيل هجي). (ث. مگيندي).

مَنگرُ، مَنگرو: ذ. مڇيءَ مثال ساموندي ساهوارو.

مَنگرمڇ، مانگرمڇ: ذ. تمام وڏو منگرو.

مَلِ: ث. مهٽو. مانجڻ جو عمل.

مَلِ ڏيڻ: مهٽو ڏيڻ (ڏاتوءَ کي). ڇَٽَ ڏيڻ (صابڻ جي). صفا ڪرڻ يا چمڪائڻ لاءِ ڇار وغيره سان مانجڻ.

مَلُ: ذ. ڇونٽري جي ڇت جي وچ ۾ هيٺان ڏنل اڀي ڪاٺي. مشهور شاعر محمود پلي جو شاعرانو تخلص. هندن جي نالي پٺيان ايندڙ لقب (هاسو مل، بصر مل وغيره).

مِلِ: ث (انگ) ڪارخانو (ڪپڙي وغيره ٺاهڻ جو).

مُلُ: ذ. مُلهه- قيمت. (ظ) وٽ- لڳ- ڳڏ.

مُلا: ظ. وٽان- ڪان- طرفان (اڳاٽي ٻوليءَ جو لفظ).

مُلا، مُلان: ذ (ع) عالم فاضل شخص. عزت وارو خطاب. مسجد جو پيش امام. ٻارن کي مسجد يا مڪتب ۾ پڙهائيندڙ معلم.

مَلاحَ: ذ. هڪ ذات جو نالو.

مَلاحُ: ذ (ع) ٻيڙياتو- ميربحر- ڪشتي بان.

مَلاحَتَ: ث (ع) لوڻاڻي- نمڪين. سانوراڻي. سانوري رنگ واري سونهن. نرمي.

مُلاحَظو: ذ (ع) ڏسڻ. توجهه. غور. لحاظ- مروت.

مُلاحَظو ڪرڻ: ڏسڻ. مهاڻتو ڪرڻ. طرفداري ڪرڻ.

مَلارَ، مَلهارَ: ث. هڪ راڳڻيءَ جو نالو. جهڙالو- مينهن- برسات.

مَلارِي، مَلهارِي: ث. جهڙي ڦڙي واري وڻندڙ موسم. بهاري- موج.

مُلازِمُ: ص (ع) نوڪر- چاڪر- خادم. اهلڪار.

مُلازِمَتَ: ث. نوڪري.

مُلاقاتِ: ث (ع) ڳڏجاڻي. مڪاميلو. ڏيٺ. وصل.

ملاقات ڪرڻ: روبرو ڳڏجڻ. هڪ ٻئي سان ملڻ.

مُلاقاتِي: ص. ملاقات ڪندڙ. ڄاڻ سڃاڻ. دوست.

مُلاقِي: ص. ملڻ وارو- ملاقات ڪندڙ.

مَلاکِڙو: ذ. ملهه جي مقابلي جي جاءِ. ملهه جو ميدان. ملهه جو مقابلو.

مَلالُ: ذ (ع) رنج- غم- ڏک. افسوس.

مَلامَ: ث (ع) ملامت- ڦِٽ. ميار.

مَلامَتَ: ث (ع) ڇٽ ڦٽ. تنبيهه. عتاب.

مَلامَت ڪرڻ: ڇٽ ڦٽ ڪرڻ. لعنت ملامت ڪرڻ.

مَلامَتِي: ذ (ع) فقيرن جو هڪ گروهه (جيڪي خفيه عبادت ڪن ۽ ظاهرا پنهنجا افعال خراب رکن).

مِلاوَتِ: ث. آميزش. اصل شيءِ ۾ نقل يا ناقص شيءِ ملائڻ.

مَلائِڪَ: ذ (ع. مَلڪَ جو جمع) فرشتا.

مُلائِمُ: ص (ع) نرم- ڪُنئرو. حليم. بردبار.

مُلائِمَت: ث. نرمي.

مِلائِڻُ: مر. ڳڏائڻ. ڳڏوچڙ ڪرڻ. مِلائي هڪ ڪرڻ. شامل ڪرڻ. ڀيٽ ڪرڻ. ملاقات ڪرائڻ. صلح ڪرائڻ. همراز ڪرڻ. آميزش ڪرڻ. ڳنڍڻ. لڳائڻ. ٺهڪائڻ.

ملائي چڙهڻ؛ گڏائي چڙهڻ. شامل ڪرڻ. ڳنڍي چڙهڻ.
مَلائِي؛ ث. کير جي مٿان جميل سٿپ جو تهه- ٿِري.
مَلبُوس؛ ص (ع) ڪپڙا پاتل- وڳو پهريل. (ذ) لباس.
مَلبُوسات؛ ث (ع) ڪپڙا- وڳا.
مِلتِ؛ ث (ع) مذهب- دين. قوم. گروهه.
مِلتِ؛ ث. ناهه- صلح. هم صلاح. شامل. ٻَڌي- اتحاد. جيڪي مليو هجي- اُپراسو- ڪمائي.
مِلتُ؛ ص. گڏيل- گڏوچڙ. هم صلاحي- سازباز. ٺهيل.
مُلتان؛ ذ. هڪ شهر جو نالو.
مُلتفِت؛ ص (ع) توجهه ڪندڙ.
مُلتَمَس؛ ص (ع) اِلتماس ڪيل- پُڇيل. عرض ڪيل.
مُلتوِي؛ ص (ع) دير ڪيل- وِٿي وڌل. ٺوري دير ترسايل (ڪم ڪي).
مَلتوِي ڪرڻ؛ ترسائڻ (ٿوريءَ دير لاءِ ڪَم ڪي).
مَلجا؛ ذ (ع) پناه گاهه. پشت پناه- مددگار.
مَلجا وَماوىٰ؛ ذ. پناه ملڻ جي جاءِ. پشت پناهي.
مُلحِدُ؛ ص (ع) پنهنجي مذهب کان ڦِريل. ڪافر.
مُلحَقُ؛ ص (ع) لاڳو- ڳنڍيل- شامل.
مَلحُوظ؛ ص (ع) لحاظ ڪيل- ڌيان ۾ رکيل.
مِلحوظ خاطر؛ ظ. دل جو خيال- دلي توجهه.
مَلخورو؛ ذ. گهوڙي جي پٺيءَ تي ٺل هيٺان وڇايل ڪپڙو.
مُلَذِذ؛ ص (ع) لذت وٺائيندڙ. لذيذ.
مُلزَمُ؛ ص (ع) الزام هيٺ آيل. ڏوهي- قصوروار.
مِلسِ؛ ث. اُٺ جا وارَ.
مَلعُونُ؛ ص (ع) لعنت ڪيل. لعنتي- هڄارو. ڌڪاريل.
مَلفُوظات؛ ث (ع) اهو ڪتاب جيڪو ڪنهن بزرگ پنهنجي ڪيفيت بابت پنهنجي زباني لکيو هجي.
مَلڪُ؛ ذ. هڪ ذات جو نالو.
مَلڪُ؛ ذ (ع) فرشتو.

مَلڪُ المَوتُ؛ ذ. موت جو فرشتو- عزرائيل.
مَلِڪُ؛ ذ (ع) بادشاهه. امير. والي.
مِلڪَ؛ ث (ع) ملڪيت. مال اسباب.
مُلڪُ؛ ذ (ع) ديس- ڏيهه. صوبو- پرڳڻو. وطن- ساڻيهه.
مُلڪان مُلڪُ؛ ظ. ملڪن ۾. هرهنڌ.
مُلڪ بدر ڪرڻ؛ ڏيهه نيڪالي ڏيڻ. جلاوطن ڪرڻ.
مُلڪ گِيرِي؛ ث. ملڪ فتح ڪرڻ. حڪومت جا معاملا.
مُلڪِي؛ ص. ڏيهي- ديسي. ملڪ جو.
مَلِڪَه؛ ث (ع) راڻي.
مَلڪَه مُعظمه؛ ث. پٽ راڻي.
مَلڪو؛ ذ (ع) مهارت- قابليت. علم، هنر يا مشق سان پيدا ٿيل قُوَتَ. تجربو.
مَلڪُوت؛ ذ (ع) ملائڪن جو عالم. فرشتا- ملائڪ. عالم ارواح.
مَلڪُوتي؛ ص. ملائڪن جهڙي (صفت).
مِلڪِيَتَ؛ ث (ع) مالڪاڻو حق. جائداد. دولت- ناڻو.
مَلمُ؛ ذ (ف. مرهم) ڦٽ ڦرڙي يا زخم تي لڳائڻ لاءِ ليپ- مرهم.
مَلمِ پَٽي؛ ث. علاج. دوا درمل.
مَلمَلِ؛ ث. هڪ قسم جو سفيد سنهون ڪپڙو- شبنم.
مُلمو؛ ذ (ع. مُلمع) سون چاندي جو پاڻي (جيڪو ڳهن تي چڙهيل هجي). ظاهري ڏيکاءُ.
مَلنگُ؛ ص (ف) بيخود- بيهوش. آپي کان نڪتل (نشي ۾). قلندر شهباز جو گودڙي پوش فقير.
مَلڻُ؛ م. مهٽڻ- گهَٽڻ. گسائڻ. لڳائڻ (تيل وغيره)- مالش ڪرڻ. مانجهڻ. صاف ڪرڻ. پالش ڪرڻ. ڳوهڻ (اٽو).
مِلڻُ؛ م. گڏجڻ. لاڳو ٿيڻ- شامل ٿيڻ.چنبڙڻ. متحد ٿيڻ. گڏوچڙ ٿيڻ. ملاقات ٿيڻ. سامهون ٿيڻ. روبرو ٿيڻ.

وصل ٿيڻ. حاصل ٿيڻ. وصول ٿيڻ. هٿ ۾ اچڻ. هٿ
لڳڻ- دستياب ٿيڻ. شريڪ ٿيڻ (سازش ۾).
ملڻ جُلڻ: اچ وڃ جو رستو رکڻ. ميل ملاقات ڪرڻ.
ملڻو: ص. خوش مزاج. خليق. سُٺي سڀاءَ وارو.
مَلو: ذ. جسم تي تيل ڦٽ ڦرڙيون.
مُلو: ذ. مُلان. آخوند.
مُلِي: ث. 'مُلان' وارو پيشو (ديني رسمون ادا ڪندڙ).
مَلعُون: ص (ع) لعنت ڪيل. نيڪالي ڏنل.
شيطان- ابليس.
مُلوّث: ص (ع) لتڙيل- آلودو. ناپاڪ- پليت. گتل
(ڏوهن گناهن ۾).
مَلُور: ص. مَلول- اداس.
مَلوڪ: ص. سهڻو- حسين. موهيندڙ.
مَلوڪان: ص. سهڻي- حسين. موهيندڙ. عورتن
جو نالو.
مُلوڪَت: ث. سهڻائي- خوبصورتي. سونهن- سندرتا.
مُلوڪ: ذ (ع. مُلوڪ) بادشاهه- سلطان.
مَلول: ص (ع) اداس- مايوس. غمگين- ڏکارو. دلگير.
مَلهه: ث. پهلواني. سنڌ ۾ زور آزمائي جي مقابلي
واري راند.
مَلهه ڪرڻ: سرسي ڪرڻ- سوڀ ڪرڻ. ڪامياب ٿيڻ.
مَلهه: ص. ملهه وڙهندڙ پهلوان. سورهيه. پهلوان.
مُلهه: ذ. قيمت. اگهه- نرخ.
مُلهائتو: ص. وڏي اگهه وارو. قيمتي.
مُلهه چُڪائڻ: قيمت ڪٿڻ- اگهه ڪرڻ.
مُلهه وٺڻ: خريد ڪرڻ. قيمت ڏيئي وٺڻ. سودو
ڪرڻ. احسان ڪرڻ.
مَلهارَ: ث. برسات جي موسم. جهڙالو.
مَلهارُ: ذ. برسات جي مند جو راڳ. هڪ راڳڻي جو نالو.

مَلهاري: ث. برسات جي مند- بهاري- موج.
مَلهالو: ذ. معاملو- جهيڙو- مانڌاڻ. رڳڙو. گوڙ-
تمچر. تڪرار. پڪيءَ جو هڪ قسم.
ملهالو مچائڻ: هل هنگامو ڪرڻ. تڪرار ڪرڻ.
مَلهائڻ: م. خوشي ڪرڻ. جشن ڪرڻ. سرخرو
ٿيڻ. نالو ڪڍائڻ. ڪارنامو ڪرڻ.
مَلهڻ: م. سرسي ڪرڻ. سورهيائي ڏيکارڻ. مشهور
ڪرڻ. مرڪڻ- فخر ڪرڻ. سرخرو ٿيڻ. خوش ٿيڻ.
مَلي: ث. مڇيءَ جو هڪ قسم. بنان ڇلرن مڇي
(جيڪا کائڻ سبب جسم ۾ مَلو پيدا ٿئي). ڪلين
(گلي) جي هڪ بيماري (جنهن ۾ ڪليون سُڄي يا
پرجي پون). ڦرڙين جي بيماري- مَلو.
مَليڇ: ص (سن) پليت. گندو- خراب- ڪِنو.
مَليح: ص (ع) سانورو- سهڻو- حسين.
مَليدو: ذ (ف. ماليده) چُوري- ڪُٽي- پوري. سنو
۽ سٺيو کاڌو.
مَليرَ: ث. ڪراچي لڳ مشهور نَئن جو نالو 'نَئن ملير.
١. ڳاڙهن ساون نيرن چٽرڪاري سان ڪنين جو رڱيل
بوڇڻ- پوتڙو (ث. ملير).
مَليرُ: ذ. ڳوٺ ۽ جُوءِ جو نالو. سرسبز علائقو جيڪو
ملير جي نئن جي پاڻي تي آباد آهي.
مَليريا: ث (انگ) موسمي بخار (جيڪو مڇرن کان
ٿئي. عام طرح سَرءَ جو تپ).
مِلِين: ذ (انگ) ڏهه لک.
مَمَر: ث. هڪ قسم جو جانور- ڪارو رڇ. بدصورت
پوڙهي عورت- ٻانڀ.
مَمات، مَماتي: ث (ع) موت- مرڻو- وفات.
مُماثِل: ظ (ع) جهڙو. وانگر. مشابهه.
مُماثِلت: ث (ع) مشابهت- هڪ جهڙائي.

مَمالِڪَ: ذ (ع. "مُلڪ" جو جمع) مُلڪَ. پرڳڻا.
مُمانَعَت: ث (ع) منع- روڪَ- جَهل. بندش.
مُمتاز: ص (ع) چونڊيل. معزز. ناميارو.
مُمتَحِن: ذ (ع) امتحان وٺندڙ. پرکيندڙ.
مَمدُوح: ص (ع) تعريف ڪيل- ساراهيل- واکاڻيل.
مَمڙو: ذ. جانور جو هڪ قسم- مَمَرَ جو نر.
مُمڪِن: ظ (ع) ٿي سگهندڙ- شُدني. ٿيڻي.
مُمڪِنات: ث (ع) ٿي سگهندڙ جهڙيون ڳالهيون. هستي- ڪائنات جو وجود.
مَملِڪَت: ث (ع) بادشاهي. سلطنت. حڪومت.
مَمنُوع: ص (ع) منع ڪيل. ناجائز. شريعت يا قانون جي خلاف. بندش پيل.
مَمنُون: ص (ع) احسان ڪيل. احسانمند- شڪرگذار.
مَمَڻ: ذ. جهيڙو- تڪرار.
ممڻ مچڻ: جهيڙو ٿيڻ- معاملو ٿيڻ. تڪرار ٿيڻ.
مَمولو: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم- سَرَءَ جي جهرڪي.
مَنَ: ظ. شال- هُوند- جيڪر.
مَنُ: ذ (سن) دِل- جيءُ- قلب. چِتُ.
مَنُ لڳائڻ: دل لائڻ. دل سان هنڊائڻ.
مَن وَڻائڻ: آڪرو ٿيڻ- مغرور ٿيڻ. اجائي حجت ڪرڻ.
مَنُ: ذ. گهوڙي جو هڪ پنڌ. پڙلو- منو.
مِنا: ذ (ع) عربستان جي اُها جُوءِ جتي حج جي موقعي تي قرباني ڪئي ويجي.
مُناجات: ث (ع) عاجزي ۽ التجا سان گهريل دعا.
مُنادِي: ث (ع) وڏي سڏ اعلان. پڙهو- ڍنڍورو.
مُنارو: ذ (ع) اُوچو پيل پاٿو- سُتون- ٿنڀ. مسجد جو اوچو مينار (جنهن تي چڙهي بانگو بانگ ڏئي).
مُناڙِي: مر. هٿن سان ڦلورڻ مهٽڻ. مُڪون هڻي لوڙڻ (ڪپڙن کي). مڪڙيون هڻڻ.
مَنازِل: ث (ع. "منزل" جو جمع) ترسڻ جون جايون- منزلون.
مُناسِب: ظ (ع) نسبت رکندڙ. لاڳاپيل. موزون. لائق. بهتر. جائز.
مُناسِبَت: ث (ع) تعلق- لاڳاپو. ٻيٽ. هڪ جهڙائي.
مَناسِڪ: ذ (ع) حج جا ارڪان.
مَناظِرَ: ذ (ع) نظارا- ڏيک.
مُناظِرو: ذ (ع) گڏيل بحث. مباحثو. تڪرار.
مُنافِرَت: ث (ع) نفرت- ڏڪار.
مُنافعو: ذ (ع) فائدو- لاڀ. اُپراسو.
مُنافِق: ص (ع) نفاق رکندڙ. ٻيائي رکندڙ. رياڪار. ظاهر ۾ دوست پر دل ۾ دشمن.
مُنافِقَت: ث (ع) رياڪاري. مڪاري. ٻيائي. دغا. ٻچاپڙائي.
مُنافِي: ث (ع) خلاف- برخلافي.
مَناقِب: ذ (ع. "منقبت" جو جمع) وصفون. اصحابن ۽ اهل بيت جي مدح.
مُناقِشو: ذ (ع) جهڳڙو- جهيڙو- تڪرار.
مَنان: ذ (ع) وڏا احسان ڪندڙ. نيڪي ڪندڙ. خداتعاليٰ جو صفاتي نالو.
مَناهِي: ث (ع) منع ڪيل شيون. غير شرعي چيزون يا عمل. منع- بندش.
مَنَبَت ڪاري: ث. ڪاٺي يا ڪپڙي تي اُپريل گلن ٻوٽن ناهڻ جو ڪم.
مَنبَر، مِنبَر: ذ (ع) ڪاٺي يا سِرن جو ٺهيل ننڍڙو ٿلهو جنهن تي ويهي پيش امام خطبو ڏئي.
مَنبَع: ذ (ع) زمين مان چشمي جي صورت ۾ پاڻي ڦاٽي نڪرڻ جو هنڌ- چشمو.

مُنتخبُ: ص (ع) چونڊيل- ڇٽيل. پسند ڪيل. چيده. (ذ) اختصار.

مَنترُ: ذ (سن) ڪنهن ديوتا جي شان ۾ ڪيل خطاب. ويدن جو مقدس ٻول. جادو- ٽوٽو.

مَنتر جَنترِ: ذ. جادو ٽوٽو. ڦيٿو ڦوڪارو.

مُنتشِرُ: ظ (ع) پکڙيل. ڇڙوڇڙ. ڪنڊڙيل.

مُنتظِرُ: ص (ع) انتظار ڪندڙ. راهه تڪيندڙ. اميدوار.

مُنتظِمُ: ص (ع) انتظام ڪندڙ. انتظام هلائيندڙ. اڳواڻي ڪندڙ.

مُنتقِلُ: ص (ع) هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ رکيل. جڳهه مٽايل.

مُنتقِل ڪرڻ: مڪڙي هنڌان ڪنهي ٻئي هنڌ رکڻ. تبديل ڪرڻ. مٽائڻ- بدلائڻ.

مُنتقِمُ: ص (ع) انتقام وٺندڙ- بدلو وٺندڙ.

مُنتهيٰ: ص (ع) انتها ڪيل. انتهائي- آخري. پڇاڙي وارو.

مِنتَ، مِنَتَ: ث (ع. مِنت) عاجزي. خوشامد. چاپلوسي. عرض.

مِنّت ڪرڻ: عاجزيءَ سان عرض ڪرڻ. خوشامد طور عرض ڪرڻ. آزي نيازي ڪرڻ.

مِنٽُ: ذ (انگ) ڪلاڪ جو سٺون عرصو. ساعت- گهڙي.

مَنٺارُ: ص. دل ٺاريندڙ. دل کي فرحت ڏيندڙ. دل کي قرار ڏيندڙ. پيارو- محبتي.

مُنجَلِي: ص (ع) ظاهر- پڌرو. روشن.

مُنجَمُ: ص (ع) تارن گرهن جو علم ڄاڻندڙ- نجومي. جوتشي.

مُنجَمِدُ: ص (ع) جميل- برف ٿيل.

مَنجَنِيقُ: ث (ع) ڪانياٺيءَ وانگر وڏا پٿر اُڇلائڻ جي ڪَلَ.

مَنجَهُ: ث. ڇٽن تنگن وارو ڪاٺ جو چوڪنڪو. دلن مٿن رکڻ لاءِ ڪاٺ جي منجي- گهڙا منجي. ٻَلي پچائڻ لاءِ لوهه جي خاص منجهه.

مُنجَهُ: م. موڪلڻ- روانو ڪرڻ- اُماڻڻ.

مَنجو: ذ. کٽ- چارپائي- کٽولو.

مَنجو چڙهڻ: مري وڃڻ. کٽ کي چڙهڻ.

مَنجي: ث. ننڍي کٽ- کٽولي. گهڙن رکڻ لاءِ ڪاٺ جي گهوڙي- مَنجهه.

مَنجهه: ث. مينهن (چوپائي).

مَنجهه: ظ. اندر- وچ ۾- درميان.

مَنجهان: ظ. اندر مان- اندران. دل مان.

مَنجههُ: ذ. اندر- وچُ. راز- ڳجهه. دل- ضمير.

مَنجهه ڪڍڻ: دل جو راز ڪڍڻ. انت لهڻ- ڀيد معلوم ڪرڻ.

مُنجهائڻُ: م. ڀلائڻ. گمراه ڪرڻ. اُبتو ڏس ڏيڻ. ڦاسائڻ. اٽڪائڻ. ور وڪڙ ڏيڻ.

منجهلو: ذ. گوڏ جو ڪپڙو. گوڏ.

مُنجهڻُ: م. ڀلجڻ- گمراه ٿيڻ. منجهي پوڻ. واٽڙو ٿيڻ.

مَنجِر، مَنجَر: ث. دادو ضلعي ۾ هڪ مشهور ڍنڍ.

مُنحَرِفُ: ص (ع) ڦري ويندڙ (وعدي. بيان تان). باغي.

مُنحصِرُ: ص (ع) متعلق- مدار رکندڙ. لاڳاپيل.

مُنحَني: ص (ع) ڪُبڙو. ڪمزور- ضعيف. اٻرو- ڏٻرو- لاغر- سَنهون (جسم ۾).

مَنحُوس: ص (ع) بدبخت- نياڳو- ندورو- نحس.

مُندَ: ث. موسم- رُت. وقت. زمانو.

مُندائتو: ص. موسم وارو. وقتائتو- مهلائتو.

مُندَ ڪَرڻُ: وقتي طور حاصلات نه ٿيڻ.

مَندَرُ: ذ (سن) هندن جي پوڄا پاٺ جي جاءِ. ٽڪاڻو- دُئارو.

مُندرِجُ: ص (ع) درج ٿيل. داخل ڪيل. لکيل (حساب ۾).

مندرج بالا: ص. مٿي لکيل- مٿي ڄاڻايل.

مُندرج ذيل: ص. هيٺ لکيل.

مُندمِل: ص (ع) پرجندڙ (زخم).

مَندو: ص (سن) مَدو- خراب- بڇڙو. سست. لٽل (اگهه)- گهٽ. سستو.

***مَندو گهرڻ:** بدخواهي چاهڻ.

مَنڊُ: ذ (سن) مناڻ. سواد- لَذت. شراب- مَڌ. ماکي.

مُنڊ: ث. عورت- نار. سهڻي نوجوان عورت.

مَنڊرو: ص. ننڍي قد وارو- ٻِندرو. (ث. منڊري).

مُنڊلُ: ص. منجهيل. وائڙو- پريشان. اُلجهيل- ويڙهيل سيڙهيل.

مَنڊڻُ: مر. ولوڙڻ- جهُڪڻ.

مَنڊِي: ث. کير ولوڙڻ جي وڏي مانڌاڻي.

مَنڊيٽڙو: ذ. منڊي. جهرلو. رياضي ۾ + ضرب جي نشاني.

مَنڍُ: ذ. هڪڙيءَ ٽنگ کان معذوري- لنگُ- منڍائي.

مَنڍائِڻُ: مر. منڍڪائي هلڻ.

مَنڍَپُ: ذ (سن) اڏاوت. عارضي اڏاوت (هندن ۾ ويڏي پڙهڻ جي رسم لاءِ). پنڊال- شاميانو (جلسي لاءِ).

مُنڍِجَڻُ: مر. پورجڻ- بند ٿيڻ. جادو ٽوڻي جي اثر هيٺ قابو ٿيڻ.

مَنڍُر پڙهڻ: جادو جا ٻول پڙهڻ- سحر ڪرڻ. جهاز رکڻ.

مَنڍر مَنڍڻ: جار پکيڙڻ. ڦاسائڻ لاءِ اٽڪل بازي ڪرڻ. اڏاوت ڪرڻ.

مَنڍُرُ: ذ. منتر. جادو- ٽوڻو- ڪامڻ. ڦيڻو- جهاڙ. اڏاوت. مانڍاڻ. ٽڪسات.

مَنڍَڪ مَنڍِي: ث. هڪ ٻاراڻي راند (جنهن ۾ مَنڍڪائي هلي کنهن ٻار کي ڪاٽيجي).

مَنڍلُ: ذ (سن) گول دائرو. شمسي نظام ۾ سج چنڊ تارن جو دائرو. جماعت. مَنڍِلي. محفل. تماشو- نظارو.

مَنڍِلِي: ث (سن) مجلس- سڀا. جماعت. ڪچهري.

مَنڍَڻُ: مر. اَڏڻ- اڏاوت ڪرڻ. جوڙڻ- بنائڻ. سِٽڻ (رت). پکيڙڻ (جار). سينگارڻ (جاءِ). مَنڍُ هڻڻ.

مَنڍِيَلُ: ص. اڏيل. ٺاهيل. سينگاريل.

مُنڍَڻُ: مر. پُورڻ- بند ڪرڻ- ٻُوٽڻ. مَنڍ هڻڻ- ڪامڻ ڪرڻ. جادوءَ سان روڪڻ. ڦاسائڻ. ڪُوڙڻ (مٿو).

مَنڍو: ص. هڪ ٽنگ کان معذور- لنگڙو- لڱو. (ث. مَنڍِي).

مَنڍو ڪرڻ: بيوس ڪرڻ- جڏو ڪرڻ. هلڻ کان هيٺو ڪرڻ.

مُنڍو: ذ (سن. مُدار) وڏو چلو. والو. ڪڙو. جوڳين جو ڪنن ۾ پائڻ جو والو.

مُنڍا پائڻ: ڪڙا چاڙهڻ- قابو ڪرڻ.

مَنڍِي: ث. ڪچي اڏاوت. واپار جو مرڪز- مارڪيٽ.

مُنڍي. مُنڍري: ث (سن. مُدرا) آڱر ۾ پائڻ جو ڳهه- ٻُڙي يا ٽِڪ سان چلو.

مُنڍُ: ذ. مٿو. مُنهن اڳياڙي. شروعات- ابتدا. شروع وارو هنڌ. اوائل- آغاز. مهاڳ (ڪتاب جو). بنياد.

مِنڍُڻُ: ذ. چُپ- خاموش. نِئر.

مُنڍو: ذ. مُنهن- سِرو. ڪُلهو. ويڪر (ڪپڙي جي)- ٻَرُ.

مُنڍِي: ث. سِري- سِسي. ڪنڌ ۽ مٿي وارو حصو.

مُنڊي پڃڻ: ڪنڊ پڃڻ.

مَنزلَ: ث (ع) ترسڻ جو هنڌ- ڍاپو. رهڻ جي جاءِ- هڪڙي ڏينهن جو سفر. گهر. سراءِ. گهر جو مٿيون طلو. چنڊ جو گهر. قرآن شريف جو ستون حصو.

منزل آسان ٿيڻ: سولائي سان مقصد پورو ٿيڻ. فوتيءَ جو ڪفن دفن آسانيءَ سان ٿيڻ.

منزلگاهه، منزل گاهه: ث. منزل ڪرڻ يا ڍاپو ڪرڻ جو خاص مقرر هنڌ.

منزل مقصُود: ذ. اصل مقصد. اصل نڪاڻو.

مَنزلَتَ: ذ (ع) مرتبو- رتبو. عزت- وقعت.

مُنزّه: ص (ع) عيبن کان پاڪ. مقدس. پاڪ صاف.

مَنسکُ: ص. دل کي خوش ڪندڙ. دل کي فرحت ڏيندڙ. دلبر.

مُنسَلِڪ: ص (ع) پُوتل (هار يا ڪَنديءَ ۾). ڳنڍيل. شامل. لاڳو.

مَن وسَلوَيٰ: ذ (ع) بني اسرائيل قوم لاءِ آسمان تان لٿل کاڌو. خاص طعام. ازغيبي فائدو.

مَنسُوب: ص (ع) نالي ڪيل- نالي ٿيل. مڱيل.

مَنسوب ڪرڻ: نالي ڪرڻ. لاڳو ڪرڻ.

مَنسُوخ: ص (ع) رد ڪيل. ڪَٽيل.

مَنسُوخ ڪرڻ: رد ڪرڻ. روڪڻ. نامنظور ڪرڻ.

مَنسُوخِي: ث. رد. نامنظوري.

مَنُش: ذ (سن) ماڻهو- آدمي- انسان.

مَنشا: ث (ع) ارادو- خيال. مراد- مرضي. خواهش- سَڌ.

مَنشُور: ذ (ع) نشر ڪيل- پکيڙيل. چڙوچڙ. (ذ) سيني ارادن ۽ تجويزن جو اعلان. عام ماڻهن جي بهتري لاءِ ڪنهن جماعت جي مقصدن جي پڌرائي.

مُنشِي: ص (ع) محرر- لکندڙ. ڪلارڪ. فارسي پڙهائيندڙ اُستاد لاءِ عام لقب.

مُنشگيري: ث. لکپڙهه جو ڪم ڪرڻ- محرري- ڪلارڪي.

مَنصَب: ذ (ع) رتبو- عهدو.

مُنصِف: ص (ع) انصاف ڪندڙ- عدالت ڪندڙ. امين- ثالث.

منصف مزاج: ص. انصاف پسند- عادل.

مَنصُوبو: ذ (ع) ارادو. تجويز- رٿا. سازش- فتنو.

مَنصُوبو سِٽڻ: سازش ڪرڻ. فتني جاڳائڻ جي رٿ رٿڻ.

مَنصُور: ص (ع) فتحمند- سوڀارو. (ذ) مشهور صوفي درويش حسين بن منصور.

مَنطِق: ذ (ع) ڳالهائڻ- گويائي. ڳالهه ٻولهه. گفتگو. سوچ ويچار يا غور ڪرڻ جو علم. عقلي دليلن سان حق کي ناحق ۽ ناحق کي حق ثابت ڪرڻ جو علم.

مِنطقو: ذ (ع) زمين جي خيالي تقسيم جو هڪ پٽو- ڪمربند.

مَنظَر: ذ (ع) نظارو. لقاءُ. تماشو. ڏيک.

مُنظَم: ذ (ع) ڌاڳي ۾ پُوتل. ترتيب ڏنل- سلسليوار. سٺي ترتيب سان.

مَنظُور: ص (ع) پسند. قبول. بحال. اجازت.

منظور ڪرڻ: قبول ڪرڻ- مڃڻ. اجازت ڏيڻ.

مَنظور نَظر: ص. اکين کي وڻندڙ. دلپسند. پيارو.

مَنظُوري: ث. پسندي. قبوليت. رضامندي. اجازت.

مَنظُومَ: ص (ع) پُوتل. نظم ۾ آندل. موزون ڪلام.

مَنع: ث (ع) جهل- روڪ. بندش. قاعدي جي خلاف.

مَنع نامو: ذ. بندش جو لکيت ۾ يا زباني اطلاع.

مُنعقِد: ص (ع) مقرر ڪيل.

مُنعڪِس: ص (ع) موٽ کاڌل. اونڌو- اُبتو (ڀاڄو).

اُولٽو- عڪس.

مُنعِم؛ ص (ع) نعمت ڏيندڙ. غني. سخي- فياض. نعمتن سان نوازيندڙ.

مُنفَرِد؛ ص (ع) اڪيلو- هڪڙو. الڳ- جدا. ناياب.

مَنفَعَت؛ ث (ع) فائدو- نفعو- لاڀ. حاصلات.

مَنفِي؛ ص (ع) انڪاري. رد. خارج ڪيل.

مِنقارَ؛ ث (ع) چهنب (پکيءَ جي).

مَنقَبت؛ ث (ع) تعريف- ساراهه- صفت.

مُنقَسَم؛ ص (ع) ورهايل- ونڊيل. تقسيم ٿيل.

مُنَقَش؛ ص (ع) نقش اُڪريل. ڪوٽي چٽ ڪڍيل. گلن ٻوٽن وارا رنگارنگي چِٽ گل.

مُنقَطعُ؛ ص (ع) وڍيل- قطع ڪيل.

مُنقطع ڪرڻ؛ وڍي ڇڏڻ. تعلق ختم ڪرڻ. سلسلو ٽوڙي ڇڏڻ.

مُنقَلب؛ ص (ع) اُبتو- اُلٽو. اونڌو. ڦِرندڙ.

مَنقُوش؛ ص (ع) رنگين چٽن گلن وارو. چٽ اُڪريل.

مَنقُول؛ ص (ع) اُتاريل- نقل ڪيل. بيان ڪيل.

مَنقُولہ؛ ص (ع) هڪڙي هنڌ کان ٻئي هنڌ کڻي وڃڻ جهڙو مال.

مُنڪِرُ؛ ص (ع) انڪار ڪندڙ. پنهنجي ڳالهه تان ڦري ويندڙ.

مُنڪَرُ؛ ذ (ع) هڪ فرشتي جو نالو جيڪو 'نڪير' سان گڏجي قبر ۾ پڇاڻو ڪندو. (ص) خدا جي خدائي کان انڪاري. منحوس.

مُنڪر نَڪيرُ؛ ذ. قبر ۾ پڇاڻو ڪندڙ فرشتا.

مُنڪَسِرُ؛ ص (ع) عاجز- مسڪين. انڪساري سان هلندڙ- نهٺو.

مُنڪِسر مزاج؛ ذ. نهٺائي سان هلندڙ. ڪاڻ وارو.

مُنڪَشفُ؛ ص (ع) کليل- ظاهر- پڌرو.

مَنڪُوحہ؛ ث (ع) نڪاح ۾ آيل- نڪاح ٻڌي. جوءِ- زال.

مَنگتو؛ ص. گهُرندڙ. فقير- پينو. سوالي. مڱڻهار.

مَنگرُ؛ ذ. سامونڊي مڇيءَ جو هڪ قسم.

منگرمَڇُ؛ ذ. هڪ قسم جي وڏو سامونڊي مڇُ.

مَنگلُ؛ ذ (سن) خوشي- شادمانو. هڪ گره جو نالو- مريخ. اڱارو (ڏينهن).

مَنگلِي؛ ث. ڳهڻ جو هڪ قسم. چانديءَ جو ڪنگڻ. ڪڙي.

مَنگَڻُ؛ م. گهُرڻ- طلب ڪرڻ- مڱڻ.

مَنگهُ؛ ذ. جاءِ جي ڇت مان هوا اچڻ لاءِ لنگهه- بادگير. مکڻ گڏ ڪري رکڻ جي وڏي دکي.

مُنگها؛ ذ. ذُت جو هڪ قسم.

مُنگهَڻُ. مَنگهُڻ؛ ذ. جيت جو هڪ قسم (جيڪو پوسل واري هنڌ ٿئي. ڪَٺُن ۽ ڪلرائين پٿين ۾ گهَرُ ڪري. انساني رَتُ پِئي).

مَنگهو؛ ذ. لوڙهي جي لنگهه ۾ ڪتل ٻہ سانگي ڪاٺي جنهن ۾ آڏ لاءِ ٻي ڪاٺي رکي وڃي.

مَنَڻُ؛ م. مَنارڻ (ڪپڙو ڌوئڻ لاءِ)- مهٽڻ (هٿن ۾). نپوڙڻ.

مَنَڻُ؛ م. مُنڊڻ- ڪوڙڻ (وار). جهنڊ لاهڻ. ٻار جا ٻهريون پيرو وار ڪُوڙڻ.

مِنو؛ ص. ننڍي نڪ وارو- ٻنو.

مُنو؛ ذ. اٺٽ (چرخي) ۾ لڳل وڏو ڪاٺ جو ڪِلو. ٻيڙيءَ ۾ رسي ٻڌڻ لاءِ اُڀي ڪاٺي. نار جي وڏي چڪر ۾ وڌل اُڀي ڪاٺي. (ص) ٽي ڀاڱي چار حصو- پوڻو. الپورو. گهٽ- ڪَسو.

مَنوَتِ؛ ث. واڍڪي ڪم جي اصطلاح ۾ ڪاٺيءَ تي ٺُڪَ ۽ اُڪَر جو ڪم.

مَنوَتي، مَنوتي: ث. محبتا. تسلائي- دلداري. رضامندي. باس- سڪا.

مُنوَرُ: ص (ع) روشن. چمڪندڙ. درخشان.

مَنوهَرُ: ص (سن) دل خوش ڪندڙ. دل ڪسيندڙ- دلبر. سهڻو. پيارو.

مُنهان: ظ. مُنهن سان- وات مان.

مُنهانيڄو: ص. شرميلو- لڄارو.

منهان منهن: ظ. ڪنان تار. روبرو- آمهون سامهون.

مُنهنجو: ص. پنهنجو- ذاتي- شخصي.

مُنهَدِم: ص (ع) ڪريل- ڊٺل (اڏاوت).

مُنهَمِڪ: ص (ع) مشغول- مصروف- رُڌل.

مَنهن: ذ. ڪڪائون اڏيل ڇَنو- ڇپر. اجهو.

مَنهِين: ث. ننڍو ڇنو- ننڍو ڇپر.

مِنهْن: ذ. بهانو- عذر.

مُنهْن: ذ. ڪنهن شيءِ جو سوراخ جنهن ۾ ڪا شيءِ اندر وڃي. وات. ڏَهن. ڇيڊ- ٽنگُ. دَر- لنگهه. رستو. شروعات- صورت- شڪل. رخ- طرف. واهه يا نهر جو مُنڍ.

مُنهن اگهاڙو: ص. بي شرم.

مُنهن اونداهي: ث. ڪاري رات.

مُنهن بند ڪرڻ: وات بند ڪرڻ. ڪنهن ٿانءَ جو منهن ڪپڙي وغيره سان ٻڌڻ. ڳالهائڻ کان روڪڻ. لاجواب ڪرڻ.

مُنهن پر ڪرڻ: سخت ڏک کائڻ- خوار خراب ٿيڻ.

مُنهن پيڻ: ڀِڙ ڪرائڻ. سيڪت ڏيڻ.

مُنهن تي پوڻ: جڳائڻ. سٻائڻ. مناسب لڳڻ.

مُنهن تي چوڻ: روبرو چوڻ. سامهون چوڻ.

مُنهن تي هڻڻ: موٽائي ڏيڻ- واپس ڪرڻ. اُڇلي ڏيڻ (نفرت يا ڪاوڙ مان).

منهن ڏسڻ: صورت ڏسڻ. نظارو ڪرڻ. ديدار ڪرڻ.

مُنهن ڏيڻ: مقابلو ڪرڻ.

مُنهن ڏيکارڻ: ديدار ڪرائڻ. ملاقات ڪرائڻ.

مُنهن رکي: ث. ڪاٺ جي ننڍڙي گهوڙي جنهن تي ڪپڙو رکي بار کي مکين کان ڍڪجي- ديمدار.

مُنهن سڄائڻ: ناراض ٿيڻ. ڪاوڙجڻ.

مُنهن ڦيرائڻ: ڪنڌ ڦيرائڻ. نظرانداز ڪرڻ. بي رخي ڪرڻ.

مُنهن ڪارو ڪرڻ: بدفعلي ڪرڻ. بدڪاري ڪرڻ.

مُنهن ڪاڻ: ث. پرچائي. اعزا پُرسي. عذرخواهي.

مُنهن موڙڻ: رخ بدلائڻ. بيرخي ڪرڻ.

مُنهن ڪرڻ: رخ ڪرڻ. روانو ٿيڻ.

مُنهن لڳڻ: محرم ٿيڻ- منهن پوڻ. ڌاريي کان پردو نه ڪرڻ.

مُنهن مٺي ڪرڻ: مان وڌائڻ- سرخرو ڪرڻ.

مُنهن مقابل: ظ. روبرو- آمهون سامهون.

مُنهن هڻڻ: ملاقات ڪرڻ. ويندي ويندي ملندو وڃڻ.

مُنهن ميرُ: ث. اونداهيءَ جي شروعات- نماشام.

مَنهِي: ث. مَنهِين- ننڍو ڇنو- ڇپر.

مَني: ث (ع) ٽات- نطفو. (انگ) نقدي.

مَني آرڊر: ذ (انگ) ٽپال ذريعي موڪليل رقم.

مُني: ث. ٽُوٽي- ڪتل ڪاني. ٽنب. ڪانيءَ جو وڏو ڪلو (جيڪو ڪورڪي ڪم ۾ ڪم اچي). هُرلي جي چڪر واري اُبي ڪاني. (ص) مُڏي- اڻ ٽِڪي.

مُنِيبُ: ذ (ع) نائب (ڪاروبار ۾). پائيوار. منشي.

مُنِيرُ: ص (ع) روش ڪندڙ. روشن.

مَڻِ: ث. نانگ جي مٿي مان نڪتل مڻيو يا ٽِڪي (چون ٿا ته مَڻِ نانگ بلا جو زهر چوسي وٺندي آهي).

مَڻُ: ذ. چاليهن سيرن جو وزن.

مَڻ ڪَٽي: ث. اناج جي مڻ ۾ اندازي سان ڪَٽ.

مَٽائِڻُ: م. ڏيکارڻ.

مَڻڪو، مَڙڪو: ذ. قيمتي پٿر جو دائو يا ننگ. موتي. سون يا چانديءَ جو موتي. شيشي جو دائو. تسبيح جو دائو. ڪنڌ جو مڻڪو.

مَڻڪو ٽُٽڻ: ڪنڌ جو هڏو ڀڄڻ. ڪنڌ ڀڄڻ.

مِڻ مِڻ، مِر مِر: ث. چپن ۾ ڳالهائڻ. سُس پُس.

مِڻ مِڻ ڪرڻ، مِر مِر ڪرڻ: چپن ۾ ڳالهائڻ. ڀُڻ ڀڻ ڪرڻ. آهستي ڳالهائڻ.

مَڻڻُ: م. ڏسڻ- پسڻ. رخ رکڻ- هلڻ.

مَٽي: ظ. ڏانهن- وٽ- لڳ.

مَٽيا: ث. چمڪو. جوت- جلوو. خاص خوبي- جوهر. ذات. سگهه.

مَٽيادارُ: ص. جوت وارو. ذات وارو. جلـويـدار. حسين- سهڻو.

مَٽيارو: ص. مَڻَ وارو (ڪارو نانگ، جنهن جي مٿي ۾ مَڻُ ٿئي).

مَٽيو: ذ. موتي مڻڪو. جواهر. ڪوڙو موتي- ڪچ. ڳهه.

مَٽيارُ، مَٽهيارُ: ص. چوڙيون ۽ ڪوڙا مٽيا موتي وڪڻندڙ.

مُو: ذ (ف) وارَ- ڪيس.

مُو تراش: ذ. وار لاهيندڙ اوزار.

مُواخِذَه: ذ (ع) گرفت- بازپرس- پڇاڳاڇا. بدلو- عيوض. جواب طلبي.

مُواخذو ڪرڻ: گرفت ۾ وٺڻ. بدلو وٺڻ. ڏوهه جي سزا ڏيڻ.

مَوادُ: ذ (ع) هر شيءِ جو اصل. سامان- شيون. دليل. مضمون.

مَوازُ: ص. متارو- ٿلهو.

مَوازجَڻُ: م. ٿلهو متارو ٿيڻ. پاڻ ڀرو ٿيڻ. مغرور ٿيڻ.

مَوازَنو: ذ (ع) وزن ڪرڻ- ڪَٽ ڪرڻ. برابري. هڪ جهڙائي.

موازنو ڪرڻ: جانچڻ- تورتڪ ڪرڻ- ڀيٽ ڪرڻ.

مَوازي، موادي: ظ. (مبادا جو بگڙيل) بعضي- اتفاق سان. نہ ڄاڻان. ڪڏهن. جيڪر.

مُواصلات: ث (ع) ڳنڍجڻ جا وسيلا. اچ وڃ جا رستا.

مُوافِقُ: ص (ع) يڪسان- برابر. هڪ جهڙو- مناسب.

مُوافِق اچڻ: برابر اچڻ. درست هئڻ. مزاج مطابق هئڻ (کاڌو، علاج، آبهوا وغيره).

مُوافِقَت: ث (ع) هڪجهڙائي- برابري. مزاج جي ساڳيائي.

مُوافقت ڪرڻ: تعلق رکڻ. هم آهنگي ڪرڻ. دوستي رکڻ.

مَواقِع: ذ (ع. 'موقعہ' جو جمع) موقعا- وَجهہ- مهلون.

مَوالِي: ذ (ع) غلام. نوڪر چاڪر. نشو واپرائيندڙ- نشي جو عادتي.

مَوائِڻُ: م. ماپ ڪرائڻ- پرائڻ (ڪپڙو يا اَن).

موبي: ص (ع. مُربي) وڏو. سڀ کان وڏو (پُٽ).

مَوتُ: ذ (ع) اجل- فنا- قضا- مرڻو- وفات.

مَوتُ اچڻ: مري وڃڻ. فنا ٿيڻ. گذاري وڃڻ. ڪُٽي ڪٺڻ. شامت اچڻ.

موت کي سڏڻ: سِر وڃڻ جهڙا ڪم ڪرڻ.

مَوتمارُ: ص. ماريندڙ- قاتل. خوفناڪ (ڪم، حادثو).

موتي: ص. هڪ قسم جو مڻڪو (جيڪو سِپَ جي پيٽ مان نڪري)- پاڻيٺ. مٽيو.

موتي پُوئڻ: موتين جو هار ناهڻ. خوش بياني ڪرڻ.

موتيو: ذ. هڪ قسم جو خوشبودار گُل ۽ ٻوٽو. اکين جي تارن تي پاڻي چڙهڻ جو مرض.

موتيو پاڻي، ذ. اکين جي ماڪين تي چڙهيل اڇو پاڻي.

موتُ، ذ. هڪ قسم جي ٻُوٽي جي پاڙ.

موتاجُ، ص (ع. محتاج) ضرورتمند. هيڻو. معذور.

موتو، ص. ڍَبر (جيڪو هڪ هنڌ ٽوٽي ٽيو پيو هجي)- ٽوٽي.

موٽ، ث. پوٺتي ورڻ- پويان پير- واپسي. اُٿل.

موٽ کائڻ، موٽي اچڻ- پوٺتي ورڻ. پويان پير ڪرڻ. گهٽجڻ- لات کائڻ (پاڻي).

موٽائڻ، م. موٽائي ڏيڻ- واپس ڪرڻ. پوٺتي وراڻڻ. رد ڪرڻ. نااُميد ڪرڻ.

موٽرُ، ذ (انگ) انجڻ تي هلندڙ گاڏي- موٽرڪار. انجڻ- مشين.

موٽر سائيڪل، ث. انجڻ تي هلندڙ ٻن ڦيٿن واري سائيڪل.

مُوٽڙي، ث. ويڙهيل سيڙهيل ڪپڙن جي ننڍڙي هَڙ.

موٽڻُ، م. موٽي اچڻ- وري اچڻ. موٽ کائڻ- ورڻ. پويان پير ڪرڻ.

موٽو، ص. ٿلهو (جسم)- متارو. گهاٽو (ڪپڙو). (ث. موٽي).

موٺُ، ذ. هڪ قسم جو اناج. هڪ قسم جي خوشبودار ٻُوٽي جي پاڙ.

موڙڙو، موڙڙيو، ذ. آڏائي تي ٺهيل هڪ قسم جو ڪپڙو (جنهن ۾ ست رنگا پٽا ٿين). سنڌي گريي يا سوسي جو هڪ قسم.

مُؤثِرُ، ص (ع) اثر ڪندڙ- اثرائتو. ڪارگر تاثير ڪندڙ.

مَوجَ، ث (ع) لهر- ڇولي. ترنگ. ولولو- امنگ. خوشيءَ جي لهر. گهڻائي- افراط. مستي. خوشي. عش آرام.

موجون ماڻڻ، مزا ماڻڻ. عيش ڪرڻ. مزي سان زندگي گذارڻ.

مَوجي، ص. موجون ڪندڙ. زنده دل. ٻُورالو. مست.

موجِبُ، ظ (ع) لازم- فرض- واجب. جي ڪري- سببان. پٽاندر.

مُوجِدُ، ص (ع) ايجاد ڪندڙ. ڪا نئين ڳالهہ يا هنر پيدا ڪندڙ.

مَوجِزَن، ص. لهريون هڻندڙ- ڇوليون هڻندڙ (درياءُ، وهڪرو).

مُوَجِل، ص (ع) ڪنهن وقت لاءِ ملتوي ڪيل. بعد ۾ ادائگي لاءِ مقرر ڪيل (حق مهر).

مَوجُود، ص (ع) پيدا ڪيل. حاضر. هڪيو تڪيو. قائم- برقرار. تيار. مهيا- مُيسر- دستياب.

موجود ڪرڻ، حاضر ڪرڻ. پيش ڪرڻ. پيدا ڪرڻ. مهيا ڪرڻ.

موجودات، ث (ع) اهي سڀ شيون جيڪي خدا تعاليٰ پيدا ڪيون آهن. ڪل ڪائنات. مخلوقات.

مَوجُودگِي، ث (ف) حاضري- پيشي.

مَوجُودَه، ص (ع) هينئر جو- حاضر وقت ۾. هڪيو تڪيو- اڄيان.

موچارُ، ص. سهڻو- خوبصورت. موچارو.

موچارو، ص. سهڻو- قبول صورت- سندر- ٺاهوڪو. پورو پنو- سٺو. اُچو- عمدو.

موچڙو، ذ. پادر- جوتو. جتيءَ جو هڪڙو پيرُ.

موچڙا ڪاري، ث. پادرن جو سٽڪو.

موچڙي بازي، ث. موچڙا ڪاري.

موچڙي ڪُٽيو، ص. هيسايل. مطيع.

موچڪو، ص. موچيءَ جو. موچيءَ جي ڪم جو.

مُوچي، ذ. چمڙي جو ڪم ڪندڙ (چمڙي مان سنج ۽ جتيون ٺاهڻ)- ڪفش دوز. (ث. موچياڻي).

مُوَحِدُ، ص (ع) هڪڙي خدا کي مڃيندڙ. سچو مسلمان.
مُؤخَرَ، ص (ع) آخري- پڇاڙيءَ وارو. آخر لاءِ ڇڏيل.
مُوَدَب، ص (ع) ادب وارو. اخلاق وارو- فضيلت وارو.
مُوَدَت، ث (ع) محبت- الفت- پيار. اخلاص.
مودِي، ص. اناج جو واپاري. پانڌاري.
موڏڪُ، ذ. مُهلڙو- مُهرو. (ص) نہ ڳالهائيندڙ- گم سُم. پورڙو. موڳو. بيوقوف.
موڏو، ص. ئوڙهو- گنجو- روڏو. بنان سڱن جي (چوپايو). (ث. موڏي).
مُاذِنُ، ص (ع) اذان ڏيندڙ- بانگو.
مُوذِي، ص (ع) ايذائيندڙ- ڏکوئيندڙ. آزاريندڙ. ظالم. لُچ. بخيل. ڪنجوس.
مورَ، ث. نئون اوڀڙ. ٻُور (انب جي وڻ جو). ڪلي- مکڙي. وڻن جو ڦوٽهڙو.
مورُ، ذ (سن. مَيُور) پکيءَ جو هڪ قسم- طائوس. نٽ جو ڇَٽُ يا ٽنگ.
مُور، ث (ف) ماڪوڙي- ڪِئِلي.
مُورِ، ظ. اصلي- پٽيءَ- هڏ- ماڳهين- هرگز.
مُورُ، ذ (سن. مُول) اصل رقم. مُوڙي- پونجي- سرمايو.
موراکِي، ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.
مُورَتَ، ث. تصوير. پٿر وغيره جو ٺهيل بُت. صورت- شڪل. فوٽو.
مُورِتي، ث. مورت.
مُورِثُ، ص (ع) اهو شخص جنهن کي ورثو يا ترڪو ملي- وارث.
مُورثِ اعلي، ص. وڏو وارث.
مورجَڻُ، م. ٻُور ڪيڻ (وڻ). گونچ ڪيڻ- انگورجڻ.
مورچو، ذ (ف) قلعي جي چوڌاري کوٽيل کاهي. خندق. لڙائي يا شڪار لاءِ حفاظتي ڪَڏُنو.
مورچي بندي، ث. حفاظتي کڏُنا يا کاهيون.
مورڇا، ص (سن) بيهوش- بي سُڌ- غش.
مورچَل، ذ. مور جي کنين جو وڃڻو.
مُورَخُ، ذ (ع) تاريخ لکندڙ- وقائع نويس. تاريخدان.
مُورخہ، ث (ع) تاريخ- تِٿ.
مورڙو، ذ. آڳاٽي تاريخي قصي "مورڙو- مانگر مڇ" جي هڪ ڪردار جو نالو.
مُورکُ، ص (سن. مُورک) بيوقوف- احمق. جاهل.
مُورکائي، ث. بيوقوفي- اياڻپ- حماقت.
مورَڻُ، م. گؤنچ جهلڻ- ٻُور جهلڻ (وڻ. ٻوٽا). ڦوٽهڙو کائڻ (گاهہ).
مورو، ذ. وڻ وڍڻ کان پوءِ پاڙن مان نڪتل ٻيو ڦيرو گؤنچ. جبل جو هڪ لوڪ گيت.
موروثِي، ص (ع) وارثيءَ وارو. ترڪي ۾ آيل. ورثي ۾ مليل.
مورِي، ث. پاڻيءَ جي نيڪال جي جاءِ. نالي- ڪَسِي. ننڍڙي پُل- ڦُرِدو.
مُوري، ث. هڪ قسم جو اوڀڙ (پاڇيءَ طور ڪم اچي).
موريانُ، ذ (ف) ڪَتُ- زنگ- ڪسُ.
موريسَرُ، ث. اڪين جي تارن تي آيل اڇو پاڻي- موتيو.
موريو، ذ. ڪنهن بہ ڌاتوءَ مان ٺهيل گهاگهر جهڙو ٺانءُ.
موڙَ، ث. واپسي- موٽَ. وَٽُ- پيچُ. وڪڙ.
موڙُ، ذ. گهوٽ جو تاج- ڪلنگي- مُڪٽ. گهوٽ جي مٿي تي بدل گُلن يا موتين جي جهالر. ڪُڪڙ يا پکيءَ جي مٿي واري چوٽي. ڦندڻ- ٽؤنر. وَرُ- وڪڙ. وَٽُ. ڏنگُ- ڪُبُ- خَمُ. ڦيرو.
موڙُ ڏيڻ، وڪڙ ڏيڻ- موڙڻ. ڦيرائڻ. چڪر ڏيڻ. ڏنگو ڪرڻ- وَرُ ڏيڻ.
موڙ کائڻ، ڦرڻ- وڪڙ کائڻ. مُڙڻ.

موڙائي؛ ث. گهٽتائي- لات (اگهہ م).
موڙڻ؛ م. ڦيرائڻ. ورائڻ. وڪڙ ڏيڻ. ور ڏيڻ. مروڙڻ.
مروٽڻ. پيچ ڏيڻ. مٽائڻ (رخ). ڏنگو ڪرڻ. واپس ڪرڻ.
موڙو؛ ذ. ورُ- وڪڙ. ڏنگُ. (ص) لٽل- گهٽ
(اگهہ). ڪَسو. چوپائي مال ۾ پيل بيماري.
موڙو ڏيڻ؛ ورائڻ- رخ ڦيرائڻ. منهن ۾ گهنڊ وجهڻ.
مُوڙو؛ ذ. گهوٽ يا ڪنوار کي ڏونگهيون، ڪارڪن،
پتاشن وغيره جي ڏنل سوغات. سَر جي ڪانن مان
ٺهيل ڪرسي.
مُوڙو ڏيڻ؛ مڱڻي جي رسم موجب گهوٽ جي طرفان
ڪنوار کي يا ڪنوار جي طرفان گهوٽ کي وڳي سان
گڏ سوغات ڏيڻ.
مُوڙهُ؛ ذ. مونجهہ. ڪنهن عضوي ۾ نسن جي ٿيل
ڳنڍ. منجهيل سُٽ. باديءَ جي پرتي. وهٽ يا چوپائي
جي آنڊي جو وڪڙ ۽ روڪ. (ص) موڳو. ڪند ذهن-
غبي. مُنجهيل. واتڙو.
مُوڙهَلُ؛ ص. منجهيل. واتڙو. گهبرايل. گمراهہ- ڀُليل.
مُوڙِي؛ ث. مُور- پونجي. واپار ۾ سيڙايل اصل رقم.
ننڍي هڙ- پروٽڙي. ڪانن يا گاهہ جي مُٺ. پنجويهن
ٻيڙين جي جهُوڙِي.
موزو؛ ذ (ف) جوراب. چمڙي جي گوڏن تائين جُتي.
مَوزُون؛ ص (ع) تُريل تڪيل. ٺهڪندڙ. مناسب-
لائق. درست- صحيح.
موزون هجڻ؛ مناسب هجڻ. صحيح هجڻ. جوڳائتو هئڻ.
موزونيّت؛ ث (ع) مناسبت. پسندگي.
مُوسَٽُ؛ ذ. ٻهاني بازي. لاڏ ڪوڏ. انگل آرو.
مُوسِڙو؛ ذ. هڪ قسم جو پکي.
موسَمَ؛ ث (ع. موسِم) وقت- زمانو- دور. مُندَ- رُت.
موسمِ بهار؛ ث. بهار جي مند.
موسمِ سَرما؛ ث. سياري جي مند.
موسَمِي؛ ث. مُند جو- رُت جو. منداتو. فصلي.
موسمِي بُخار؛ ذ. مليريا- سرءَ جو بخار.
مَوسُوم؛ ص (ع) نالي ڪيل.
مُوسيٰ؛ ذ (ع) هڪ نبي سڳورو (جيڪو بني اسرائيل
قوم تي لٿو).
مُوسِيقارُ؛ ذ (ف) موسيقيءَ جو ماهر. ڳائيندڙ وڄائيندڙ.
مُوسِيقِي؛ ث (ع) ڳائڻ وڄائڻ جو علم- راڳ وديا.
مُوشُ؛ ذ (ف) ڪُوئو- ڇُوهو.
مُوشگاف؛ ذ (ف) وار جي کَل لاهيندڙ. باريڪ بين.
مُوشگافِي؛ ص (ف) وار جي کل لاهڻ. باريڪ بيني.
موشو؛ ذ. بهانو- لِڪَ. فريب.
موشو ڪرڻ؛ پاسو ڪرڻ. لحاظ ڪرڻ. لِڪَ ڪرڻ.
مَوصُوفُ؛ ص (ع) صفت ڪيل- ساراهيل. تعريف
ڪيل- واکاڻيل.
مَوصُولُ؛ ص (ع) وصول ڪيل- ورتل- مِليل.
مَوضع؛ ذ (ع) ڳوٺ- گام.
مَوضُوعُ؛ ذ (ع) مضمون. مضمون جو مقصد- عنوان.
مُوَقّر؛ ص (ع) عزت دار- معزز.
موقعو؛ ذ (ع) واقعي وارو هنڌ. جاءِ- هنڌ. خاص
وقت. خاص هنڌ. وجهہ- وارو.
موقعو ڏسڻ؛ وقت جو انتظار ڪرڻ. وجهہ ملڻ جو
وقت ڏسڻ.
موقعو ڏيڻ؛ مهلت ڏيڻ. وجهہ ڏيڻ.
موقعو ملڻ؛ وجهہ لڳڻ. مناسب وقت هٿ اچڻ.
داءُ لڳڻ.
مَوقُوف؛ ص (ع) برخاست (نوڪريءَ کان) ملتوي-
مهمل. ترڪ ڪيل.
موقوف ڪرڻ؛ نوڪريءَ کان الڳ ڪرڻ.

مَوقُوفِي؛ ث. برطرفي- معزولي. علحدگي (نوڪريءَ کان).
موڪَ؛ ث. پاڻيءَ جي گهٽائي. جالارو پاڻي (جيڪو هيٺاهين زمين تي سولائي سان پيچ ڪري). پالوٽَ.
(ص) گهٽو- جهجهو- جالارو.
موڪا؛ ذ. هڪ بيماري جو نالو. بَواسير.
موڪَرِ؛ ث. ويڪر. بَر- عرض (ڪپڙي جو). ڪشادگي.
موڪرائِي؛ ث. موڪَر. ويڪر.
موڪرو؛ ص. کليل- ڪشادو- ويڪرو.
مُوَڪَلَ؛ ص (ع) ذميدار. (حقن جو) محافظ.
موڪَلَ؛ ث. اجازت- اذن. رخصت. برطرفي (نوڪريءَ کان).
موڪلائِي؛ ث. وداع- رخصت.
موڪلائِڻُ؛ م. اجازت وٺڻ. رخصت وٺڻ. وداع ڪرڻ.
موڪِلڻُ؛ م. روانو ڪرڻ. ارسال ڪرڻ. مُڪڻ.
موڪُ؛ ذ. نجات- ڇوٽڪارو. ڇيٽا. نذرانو.
موڪُ ٿيڻ؛ آجائي ٿيڻ. نجات ملڻ. تڪليف يا آزار مان جند ڇُٽڻ.
موڪا؛ ث. نجات- ڇوٽڪارو. رهائي- آزادي. نذرانو. ڪمي ڪاسبي کي نذراني جي عيوض ڏنل اَنَ داڻا. نذر- ڇيٽا. باس- سکا.
موکي؛ ث (ف. مُغي، مُغان) "موکي- متارا" قصي جو هڪ ڪردار.
موگرو؛ ذ. "موتيي" جهڙي گُل ۽ ٻوٽي جو هڪ قسم- مگرو.
موڳائي؛ ث. اُبالڪائي. حيراني- واتڙائي. سستي. ڳهر.
موڳو؛ ص. منجهيل- مُوڙهل. وسائل- سُست. واتڙو- حيران. مورک- بيوقوف. (ث. موڳي). (ذ) جن ڀُوت.
موگو، موگي؛ ص. مگن جي رنگ جهڙو- هلڪو سائو.

مُولُ؛ ذ (سن) پاڙ- جڙ- بنياد. مُوڙي- مُور.
مَولِيٰ؛ ذ (ع) مالڪ- ڌڻي. آقا. خدا تعاليٰ.
مولائِي؛ ص. موليٰ جو. غلام- ٻانهو.
مَولانا؛ ص (ع) عالم. مولوي. عام طرح عالم فاضل شخص جو لقب.
مُؤلِفُ؛ ص (ع) تاليف ڪندڙ. مُرتب ڪندڙ. ڪتاب جو مواد گڏ ڪندڙ.
مَولو؛ ذ (ع. موليٰ) موليٰ- آقا. ڌڻي تعاليٰ.
مَولُودُ؛ ذ (ع) ڄايل- پيدا ٿيل (ٻار). ڄمڻ جو ڏينهن. اها مجلس جنهن ۾ نبي سڳوري جي ولادت جو ذڪر ٿئي. نبي سڳوري جي ولادت جي ذڪر وارو شعر.
مَولُودِي؛ ص. مولود چوندڙ- شغل پڙهندڙ.
مَولوِي؛ ذ (ع) شريعت جا احڪام ڄاڻندڙ. دين جو عالم. فقيه. معلم. عالم جو لقب.
مولِهاٽو؛ ذ. مٽي تي ٻڌل وڏو پٽڪو. پڳڙ- مولهيو.
مولِهيو؛ ذ. ڪلنگي دار پٽڪو يا پڳ. مولهاٽو.
مومَ؛ ث (ف) ميڻ.
موم بَتِي؛ ث. ميڻ بتي- شمع.
موم جامو؛ ذ. هڪ قسم جو ڪپڙو.
موم دِل؛ ص. نرم دل. قياس وارو.
مومِي؛ ص. ميڻ جو- ميڻ وارو. روغني (پنو).
مُومَلَ؛ ث. مشهور قصي "مومل- راڻي" جو هڪ ڪردار.
مومِنُ؛ ص (عَ) ايمان آڻيندڙ. سچو مسلمان.
موميائِي؛ ث. هڪ قسم جو وکر (چون ٿا تہ 'موميائي' کائڻ سان ڀڳل هڏ ڳنڍجي ٿو).
مُون، ماں؛ ف (ف. مَن) آءٌ- مان- پاڻ.
مون جهڙو؛ ص. ثاني- ٻيو.
مُؤنث؛ ث (ع) عورت- مادي. زال.
مُونجهہَ؛ ث. "مُنجهڻ" جي حالت. ساهہ جي گهُٽَ-

پُوست- آنڊ مانڊ- بيقراري. هيانءَ تي بار. پريشاني. مونجهارو. رولو. ڳڙٻڙ.

مُونجهارو: ذ. الجهاءَ- رولو- پريشاني.

مُونڙو: ذ. گوڏو- مُونو.

مُونڙي: ث. مَلهه جو هڪ داءُ- گوڏي جي آڏ.

مُونڙي ڏيڻ: مَلهه ۾ ڏڙتي هڻڻ. رنڊڪ وجهڻ.

مُونِس: ص (ع) اُنس رکندڙ. دوست- همدم- ساٿي.

مُونو: ذ. گوڏو.

مُونا ڪوڙڻ: گوڏا کوڙڻ. سجدي ۾ ڪرڻ.

موڻي: ث. اٽي ۽ گيهه مان ٺهيل ننڍڙي ڪوڪي- نان خطائي. هڪ قسم جو بسڪوٽ.

موهُ: ذ (سن) پيار- پريت. محبت. لالچ- حرص- لوڀ.

موهَتُ: ص (سن) عاشق- فدا.

موهت ٿيڻ: عاشق ٿيڻ. موهجڻ.

موهَنُ: ص (سن) دل ڇڪيندڙ. پرين- محبوب. (ذ) ڪرشن مهراج جو هڪ صفاتي نالو.

موهڻُ: م (سن) عاشق ڪرڻ. دل ڇڪڻ. پيار ٿيڻ. مست ڪرڻ. لڀائڻ. گيهه سان ڳوهڻ- لوڻ.

مَوهُوم: ص (ع) وهم ڪيل. وهم وارو. قياسي- فرضي. خيالي.

موهيڙو: ذ. مُنهن تي نڪتل داڻو (جوانيءَ ۾ نڪتي).

مُوو: ذ (ف) وارَ. زُلفَ.

مُوگرو، مُوڙو: ذ. ٿانون ملڻ لاءِ وڻ جي ٿارين جو مُڇو- مُوڙو. ٻهَه سان ڀريل جانور جي کَل. ککن ۽ اڳڙين مان ٺهيل بوتو.

مُوڙو: ذ. مُوڙو.

مويا: ذ (ع. ماء) پاڻي- آب.

مُويدُ: ص (ع) تائيد ڪندڙ. حمايت ڪندڙ. نهراء جي پنيرائي ڪندڙ.

مَويشي: ث (ع) ڍور- جانور. کير ڏيندڙ چوپايا (ڍڳي، مينهن، ٻڪري، رڍ). وھٽ.

مَه: ذ (ف) چنڊ- قمر. مهينو- ماه.

مَه جَبِيه، مَه رو: ص. چنڊ جهڙي سهڻي- خوبصورت- حسين.

مَه لقا، مَه وَش: ص. چنڊ جهڙي. سهڻي- حسين.

مِه: ص (ف) وڏو. اعليٰ. بزرگ.

مِه، مِنه: ذ. بهانو- عذر.

مَها: ص (سن) وڏو. عظيم. اُتم. اعليٰ. ڏاڍو گهڻو.

مَها ٻَلِي: ص. وڏي "طاقت وارو. ڏاڍو. شهزور.

مَهاپاپُ: ص. وڏو گناهه.

مَها پُرش: ذ. وڏو ماڻهو. بزرگ. نيڪ انسان.

مهاشيء: ص. عزت آبرو وارو ماڻهو.

مَهاڀارَت: ذ (سن) ڀارت جي وڏي جنگ (جيڪا پانڊون ۽ ڪورون جي وچ ۾ ٿي هئي). مهاڀاري جنگ جي بيان وارو ڪتاب.

مَهاتما: ص (سن) وڏو پهتل ماڻهو. عالي دماغ. فياض.

مُهاجِرُ: ص (ع) هجرت ڪندڙ (خاص طرح نبي سڳوري سان گڏ مديني مان هجرت ڪري آيل).

مَهاجَنُ: ذ. هندو واپاري. هندن جي آبادي.

مَهاديوُ: ص (سن) نيڪ انسان. اعليٰ نسل. (ذ) شِوَ مهراج جو ٻيو نالو.

مَهادي: ث. وڏو ڪنل جانور (ڍڳو، پاڏو وغيره).

مَهادي ڪرڻ: وڏو جانور ڪهي وڪڻڻ.

مُهاڏو: ذ. مُهاڙ- مهاڳ. اڳياڙي. محاذ- جنگ. جهيڙو.

مُهاڏو اٽڪائڻ: جهيڙو ڪرڻ. حجت ڪرڻ. بحث ڪرڻ. تڪرار ڪرڻ. ضد ٻڌڻ.

مُهارَ: ث (ف. مُهار) اُٺ جي ناڪلي ۾ ٻڌل رسي

(جنهن جي اشاري سان اُٺ هلي)، ڏندن جو مٿيون گوشت.

مَهاراڄُ، مَهاراجا: ذ (سن) وڏو راجا. مهراڄ.

مَهاراڻي: ث (سن) وڏي راڻي- پٽ راڻي. ملڪه.

مَهارَت: ث (ع) ڪسرت- مشق. عادت- سياءُ. لياقت- قابليت. سليقو- سگهڙپائي.

مَهارت هجڻ: مشق هجڻ. آزمودو هجڻ.

مَهاري: ث. اهو پلنگ جنهن تي ڇاري جو پردو چڙهيل هجي. پلنگ تي چڙهيل ڇاريدار پردو- مڇرداني.

مُهاڙ: ث. مُنهن- رخ. مُنڍ- مُهڙ. اڳيون حصو- اڳو. اڳيون حصو (جاءِ جو).

مُهاڙي: ث. جاءِ جو اڳيون حصو- اڳو. شڪار جي اصطلاح ۾ شڪار وقت جانورن جي گهٽ بند ڪرڻ لاءِ لوڙهو وغيره.

مَهاسڀا: ث (سن) وڏي جماعت. جماعت جو ميڙ. پاليامينٽ.

مُهاڳُ: ذ. جاءِ جو اڳيون حصو. جاءِ جي اڳيان خالي پيل ميدان- مهاڳو. مُهاڙي. ڪتاب جو مُنڍ.

مَهامَري: ث. وڏي بيماري- پليگ.

مُهانجهڙو: ص. لڄارو- شرميلو.

مَهاند: ظ. مَهند. اڳ ۾.

مُهاندو: ذ. مُنهن- شڪل- صورت. ٻول- نمونو. بناوت.

مَهانگ: ث. مهانگائي- گراني.

مهانگائي: ث. مهانگ- گراني- آڪرائي.

مَهانگو: ص. گهڻي مله وارو. آڪرو- گران. (ث. مهانگي).

مُهاڻو: ص. مڇي مارينڌڙ ۽ وڪڻندڙ. (ث. مُهاڻي).

مهانِيه: ص. سورهيه- دلير. اڳواڻ.

مِهتَ: ث (ع. مسجد) مسجد- مسيت.

مهتُ: ذ. ماڻُ- عزت. سوڀ. سرخروئي.

مُهت لهڻ: ماڻُ لهڻ. سرخرو ٿيڻ.

مَهتابُ: ذ (ف) چنڊ. چانڊوڪي.

مِهتَرُ: ص (ف) تمام وڏو. (ذ) حضرت موسيٰ عليه السلام لاءِ عزت وارو خطاب.

مُهتَمِم: ص (ع) منتظم- سربراه. ڪم ڪار جو اڳواڻ.

مَهتو: ذ. هندو دڪاندار- هٽ واڻيو. (ث. مَهتي).

مَهٽ: ث. مَلَ- مهٽو- مالش. اُجرائي- صفائي. چمپ- سختي.

مَهٽ سهٽ: ث. اڃائي اجرائي. ناهه نوهه. چنڊ ترڪ. سينگار.

مَهٽڻُ: م. هٿن جي زور سان گسائڻ. هٿن ۾ نپوڙڻ. گسائڻ- گهڪو ڏيڻ. مکڻ. مالش ڪرڻ. چيپٽ ڏيڻ.

مَهجُورُ: ص (ع) جدا ڪيل. وڇڙيل.

مَهد: ذ (ع) پينگهو- جهُولو- هندورو.

مَهدي: ص (ع) هدايت ڪندڙ. هادي. رهنما.

مُهَذبُ: ص (ع) تهذيب وارو. سڌريل. ترقي يافته. شريف. سليڇو.

مَهر: ث (ع) نڪاح وقت مرد جي طرفان عورت کي ڏنل يا ٻاسيل ڪابينو. حق زوجيت- حق مهر.

مَهر مُعجّل: ث. بروقت ادا ڪيل حق مهر.

مَهر مؤجل: ث. مڙس تي واجب الادا حق مهر.

مِهرَ: ث (ف) محبت- پيار. شفقت. اخلاص. ترس- قياس- ٻاجهه.

مِهر ڪرڻ: ٻاجهه ڪرڻ. مهرباني ڪرڻ. ڀلائي ڪرڻ. قياس ڪرڻ.

مُهرَ: ث (ف) ڪاٺي يا رٻڙ وغيره تي اُڪريل نالو- نيو. مُنڊي. سون جو سڪو- اشرفي.

مُهرَ هڻڻ: تصديق ڪرڻ. نيو هڻڻ. ٺورو ڪرڻ.

مَهراڄُ: ذ (سن) ڌڻي. حاڪم- راجا.

مِهراڻُ: ذ. سنڌو درياءَ جو نالو- سنڌوندي.

مُهرالو، ذ. اُپرندي ناري (ڀوري) ۽ ٿر جي پٽن سان لاڳو آباد علائقو.

مِهرباڻ، ص (ف) محبت ڪندڙ. شفقت ڪندڙ. عنايت ڪندڙ. ٻاجهه ڪندڙ. محسن- ٻاجهارو. گهڻگهرو. سٻاجهو.

مِهرباني، ث (ف) عنايت- ڪرم. ٻاجهه. شفقت. ٿورو- احسان- وَڙ.

مِهرباني ڪرڻ، عنايت ڪرڻ. نوازش ڪرڻ. احسان ڪرڻ- ٿورو ڪرڻ.

مُهرو، ذ. اڳواڻ. باني. مهندار. شطرنج جي هڪ ڳوٽ يا ساري. مُرلي جي هڪ ڪاني. ٻيڙيءَ جو اڳيون پاسو. اڪُري ۾ ڪُٽڻ لاءِ ڪانيءَ جو ڏنڊو- مُهلڙو. ڏُڪو.

مَهري، ذ (ع) سُواريءَ لاءِ تيز رفتار اُٺ. تمام ٻلو اُٺ. چڙهيءَ جو اُٺ.

مِهري، ث (سن) عورت- زال- استري- ناري.

مُهري، ث. ڪانيءَ جو ڏنڊو (اُکريءَ ۾ اَنُ ڇڙڻ يا مصالحي ڪٽڻ). ڳاڙهي رنگ جي دل- مَسُور.

مُهَڙ، ث. مُنهن. مُنڍ. اڳياڙي- آڳو. مُهاڙي. شروعات.

مُهَڙ ڪرڻ، مُنهن ڪرڻ- رخ رکڻ- ڏيتي ليتي جو وهنوار رکڻ.

مُهَڙُ، ذ. مُهاڙُ. منڍ- شروعات.

مهڪَ، ث (ف) گلن جي خوشبو- سُرهاڻ- سڳند. بُوءِ.

مُهڪُ، ذ. مُها. مُنڍ- شروعات. مُهاڙي.

مَهَلَ، ث (ع) وقت- ٽائو. ويلو- ساعت. موقعو.

مهلائتو، ظ. وقت سر- وقتائتو.

مَهل سِر، ظ. وقت تي. پوريءَ مهل تي.

مَهل ڪرڻ، وقت تي مدد ڪرڻ. ڏيکئي وقت تي ڪم اچڻ.

مهل گسائڻ، موقعو وڃائڻ- وجهه وڃائڻ.

مُهلتَ، ث (ع) فرصت- واندڪائي. موقعو. ڍِرَ- سُستي. وقفو.

مُهلت ڏيڻ، موقعو ڏيڻ- وجهه ڏيڻ. ڪجهه وقت جي ڇوٽ ڏيڻ.

مُهلڙو، ذ. مصالحي ڪٽڻ جو مُهرو.

مُهلِڪُ، ص (ع) ماريندڙ. نقصان پهچائيندڙ. قاتل.

مَهلو، ذ. فصل ۾ رتيءَ جو مرض. اُهو جيت جيڪو فصل، انب يا ميوي دار وڻن جي ٻُور کي نقصان پهچائي.

مُهِم، ث (ع) وڏو ڪم. ڏکيو ڪم. جنگ- لڙائي. مشڪلات.

مَهمانُ، ذ (ف) مزمان. ٻاهران آيل ماڻهو (جيڪو ماني ٽڪي کائي ۽ رهي). دعوتي.

مَهمان خانو، ذ. مسافرن جي رهڻ ۽ ٽڪڻ جي جاءِ- مسافرخانو. اوطاق.

مهمانداري، ث. مهمان جي خاطرداري.

مهمان نَوازي، ث. مزمان جي خاطرداري.

مَهماني، ث. مزمان جو آدرياءُ. خاطر تواضع. دعوت.

مُهمَل، ص (ع) ڇڏيل. ترڪ ڪيل. بيڪار- نڪمو. اجايو- بي معنيٰ.

مُهل ڪرڻ، ترڪ ڪرڻ. ملتوي ڪرڻ. ٿوري وقت لاءِ ٽارڻ.

مَهمِيرُ، ص. پهلوان- دلير- بهادر.

مَهميرو، ذ. هڪ ٻوٽي جي پاڙ (اکين جي علاج طور ڪم اچي).

مَهميزَ، ث (ع) گهوڙي کي اڙي ڏيڻ (لاءِ لوهي ڪُنڍو جتيءَ جي کُڙيءَ ۾ لڳائبو آهي. کڙيءَ جو ڏڪ- انکڙي جي چوڪَ.

مَهميز ڏسڻ، ڇُونگ ڏيڻ- ڏکو ڏيڻ. هشيار ڪرڻ.

مُنهالَ؛ ث. تلوار جي مياڻ تي ٿيل جڙات.

مَهنتُ؛ ذ (سن) جوڳين جو اڳواڻ. ساڌو. مندر جو وڏو پوڄاري.

مَهَند؛ ظ. مُنڍ ۾- شروع ۾. اڳي. منهن سامهون- روبرو.

مَهنديون؛ ص. اڳيون. اڳوڻو. گذريل (سال، مهينو).

مَهَندارُ؛ ص. اڳواڻ- پيشوا.

مُهَندِس؛ ذ (ع) جاميٽري جي علم جو ماهر. پيمائش ۽ رياضيءَ جو ماهر. ماهر تعميرات. انجنير.

مَهنگو؛ ص. وڏي قيمت وارو. وڏي مُلهہ وارو. مهانگو. (ث. مَهنگي).

مَهَڻُ؛ مر. موهڻ- پيار ۾ مست ڪرڻ. مُسڻ. ڦنا ڪرڻ.

مِهڻو؛ ذ. طعنو- اولانبو.

مِهڻي هابُ؛ ص. مهڻي ڏيڻ جهڙو. گلارو- ڏراپي جهڙو.

مُهَڻو؛ ص. موهيندڙ. دل لڀائيندڙ.

مَهُورَت؛ ث (سن) هندن جي رسم موجب ڪنهن ڪم جي شروعات ڪرڻ جو مناسب وقت. رسم جي نيڪ ساعت. سُنو سوَڻ. شروعات ڪرڻ جي رسم.

مَهوسي؛ ص (ع) لالچي- حريص. سون چاندي ٺاهيندڙ وَهمي.

مَهِي؛ ث. گهاٽو ڏُڌ (جنهن مان اجان مکڻ نہ نڪتو هجي).

مَهِي ولوڙَ؛ ث. لوچ پوچ- اٿل پٿل- آنڌ مانڌ. مانڌاڻ- ڦيٽاڙو.

مُهيا؛ ص (ع) حاضر- موجود- تيار.

مُهيا ڪرڻ؛ موجود ڪرڻ- حاضر ڪرڻ.

مُهِيبُ؛ ص (ع) ڀيانڪ- ڊيڄاريندڙ- ڀوائتو.

مَهيسرُ؛ ذ. عربي نسل (بَنُو مَيسَره) جو هڪ سنڌي قبيلو.

مَهيسِي؛ ص. جوڳين جو هڪ فرقو- مهيسري (جيڪي شوَ جي پوڄا ڪن).

مَهِين؛ ص (ع) سنهون- باريڪ. نازڪ. نفيس.

مَهِينو؛ ذ (ف) ماه. مهيني جو اجورو. ماهيانو.

مُئلُ؛ ص. مري ويل- مُئو. فوت. سُڪل- ايرو. ميٺو. مردار.

مَئڻُ؛ مر. ماپڻ- ڪَچڻ. تورڻ. ڪَٿڻ.

مَٺُ، مَٺو؛ ذ. نشو- خمار. موج- مستي. ٻَئو. چاڙهہ.

مَٺو؛ ص. جامر- گهڻو- جال.

مُئو؛ ص. مري ويل. بي جان. نياڳو. (ث. مُئي).

مُئا هڻ هڻڻ؛ ڀيوسيءَ واري ڪوشش ڪرڻ. توري گهڻي ڪوشش ڪرڻ.

مَئي، مَي؛ ث (ف) شراب- مَدُ. نشو- خمار.

مَئي مارڻ؛ تڪبر ڇڏڻ. اندر مان پاڻ پڻو ڪڍڻ.

مَئي؛ ذ (انگ) عيوسي سال جو پنجون مهينون.

مُئي؛ ث. ڏانون ملڻ لاءِ گاهہ يا ڪکن جي مُوڙِي.

مَي؛ ث (ف) شراب- خمر- مَد- مَئي.

ميخانو؛ ذ. شراب خانو. شراب پيڻ وارو ماڳ.

مَيڪده؛ ص. شراب خانو.

مي، ميڻُ؛ ذ. مهاڻا. مهاڻن جي هڪ ذات.

مَيا؛ ث (سن) ٻاجهہ- ڪهل- ديا. مِهرَ- احسان- ٽورو.

مَيارَ؛ ث. ڏوراپو- حرف. گِلا.

مَيارَ لاهڻ؛ ريت رسم ۾ ٿيل ڪوتاهي جو ازالو ڪرڻ. گلا لاهڻ. رسمي طرح وات ٺڪائي ڪرڻ.

مَيارِي؛ ص. جنهن ڏانهن ميار هجي- حرفي.

مِياڻ؛ ذ (ف) حاڪم- مالڪ- والي. صاحب. معلم- آخوند.

مِيانو؛ ذ. ننڍي ديگ. (ص) وچولو- وچٿرو- پورو پنو.

ميانہ؛ ص (ف) وچ- وسط. وچ وارو- وچون.

ميانہ رَوي؛ ث. وچٿرائي. اعتدال.

مِياڻَ: ث (ف. ميان) تلوار جي کپَ- تيڪ- نيام. تلوار يا خنجر رکڻ لاءِ چمڙي يا ڪاٺيءَ جو کوپو- (ظ) وچ- منجهه- اندر.

مِياڻِ، مِياڻي: ث. ٻند يا درياء جي ڪپ تي اُهو هنڌ جتي مڇي وغيره ماري گڏ ڪجي.

مَيِّتَ (ث)، مَيِتُ: ذ (ع) مڙدو- لاش- جنازو.

مَيِّتُ: ذ. مَيَتُ.

ميٿِي: ث. هڪ قسم جو خوشبودار ٻوٽو (ڀاڄي وغيره ۾ ڪم اچي).

ميٽُ: ذ. خاص قسم جو جابلو مٽي (جيڪا چاپوڙن جي صورت ۾ جبل يا ٽڪر مان نڪري ۽ ان ۾ تيل ملائي وهنجڻ ۾ ڪم اچي).

ميٽائون: ص. ميٽ جهڙو (رنگ).

ميٽ کاڻِ: ث. جبل يا ٽڪر ۾ ميٽ نڪرڻ وارو هنڌ.

ميٽائِڻُ: م. ميٽ هٽائڻ (پٽيءَ کي). ڊهرائڻ- مِٽائڻ (اکر)- ميسارائڻ.

ميٽَرُ: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم. (انگ) مفاصلي ماپڻ جو هڪ پيمانو.

ميٽنگَ: ث (انگ) ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جي گڏجاڻي.

ميٽڻُ: م. ڪُرڙي لاهڻ- ٻاهڻ- ميسارڻ. رد ڪرڻ. وساري ڇڏڻ. لاهڻ- دفع ڪرڻ (ڏک، سُور). ڇُٽائڻ (زخم).

ميٽوڙِي: ث. ميٽ جهڙو رنگ.

ميٺُ: ذ. مناڻ- ميٺاج- شيريني. لذت.

ميٺاجُ: ذ. مناڻ.

ميٺو: ذ. لُوڻ (گهرو ٻوليءَ ۾ چوڻ).

مِيثاقُ: ذ (ع) اقرار. قول قرار. عهدنامو. ازل- ابتدا- الست.

مَيجَرُ: ذ (انگ) فوج جو هڪ عهدو.

ميجسٽريٽُ: ذ (انگ) حڪومت طرفان عدالت ڪندڙ عملدار.

ميڇالو: ذ. ڪيپراٽيءَ جو اندريون گُودو- مغز.

مَيچَ: ث (انگ) مقابلي جي راند.

ميچَ: ث. اشارو (اک يا ڪنڌ سان)- اُهڃ- غمزو- ڏهڻائي.

ميچ ڏيڻ: اک جو اشارو ڪرڻ- ڏهڻائي ڏيڻ.

ميخَ: ث (ف) لوهي ڪِلي. سِيخَ.

مَيخانو: ذ (ف) شراب خانو- گٽو.

مَيخوارُ: ص (ف) شراب پيئندڙ- شرابي.

مَيخواري: ث. شراب پيئڻ.

مَي نوشِي: ث (ف) شراب نوشي.

مَي فروش: ص (ف) شراب وڪڻندڙ.

مَي فروشي: ث. شراب وڪڻڻ.

مَيدانُ: ذ (ف) خالي زمين (جنهن تي اڏاوت نه هجي). ويڪرو پٽ. هموار زمين. پوٺو. گهوڙي جي ڊوڙ جو هڪ نمونو.

مَيدانِ جنگ: ذ. لڙائيءَ جو ميدان.

ميدان ڇڏڻ: مقابلي مان هٽي وڃڻ. پُٺ ڏيکارڻ.

ميدان ڪرڻ: ٻاهي پٽ ڪرڻ. زمين هموار ڪرڻ. مقابلي ۾ ڪٽڻ.

مَيدو: ذ (ف) نهايت سنهو اٽو. ڪڻڪ جي اٽي مان ڪڍيل سنهون اٽو.

مَيدو ڪرڻ: پيهي تمام سنهون ٻُورو ڪرڻ. ميدي جهڙو ڪرڻ.

ميڏ: ذ. سنڌ ۾ رهندڙ آڳاٽي قوم- ميءُ.

ميرُ: ذ. مَرُ- ميلُ. ميراڻ. جسم تي جميل مٽي ۽ زنگ. ڪَٽُ. ڪدورت. گدلاڻي.

ميرانجهڙو، ميرانجهو: ص. ٺورو ميرو- ڪجهه گدلو.

مِيرُ، ذ (ف) سردار- سالار- اڳواڻ. حاڪم. امير. ٽالپور گهراڻي جو هڪ لقب.

مِيرائو، ص. اميرائو. حاڪم جو.

مِير مَجلِس، ص. مجلس جو اڳواڻ. انجمن يا جماعت جو صدر.

مِيرِي، ث. اميري. سرداري. حاڪمي.

مِيراث، ث (ع) اها جائداد جيڪا پوءِ وارث کي ملي. ترڪو- ورثو.

ميراثي، ث. هڪ قوم جيڪا ڳائڻ وڄائڻ جو پيشو ڪري. ڳائي خيرات وٺندڙ منگتو.

ميراڻ، ث. مٽيءَ جو اثر. گدلائي. ميرُ- ميلُ.

ميرائِي، ث. ڪِناڻي. اندر جي ڪدورت. دل جي بيائي.

مِيربَحَرُ، ذ. اميرالبحر. ٻيڙياتو- ناکئو- ملاح.

ميرو، ص. مٽيءَ هاڻو. گندو- خراب. گدلو- لڙاٽيل (پاڻي). (ث. ميري).

ميرو ڪرڻ، مٽيءَ هاڻو ڪرڻ. ڪِنو ڪرڻ. خراب ڪرڻ.

ميڙِ، ث. چڱن ماڻهن جو ميڙ. جماعت. راڄ جا مکيہ ماڻهو (جيڪي ڪنهن نياءُ، ساک يا منٿ لاءِ گڏ ٿيا هجن).

ميڙِ آڻڻ، چڱن ماڻهن کي ميڙ ڪري وٺي اچڻ.

ميڙ مِنٿَ، ث. آزي نيزازي. عرض.

ميڙُ، ذ. ماڻهن جو مجموعو- انبوهہ- هُجوم. گڏجاڻي.

ميڙاڪو، ذ. ميڙ- هجوم.

ميڙائِڻُ، م. گند ٻهارائڻ. صفائي ڪرائڻ. گهوڙي گهوڙ جو لڳ ڪرائڻ.

ميڙائو، ذ. ميلاپ. ملاقات. گڏجاڻي.

ميڙ چُوندَ، ث. ٿورو ٿورو ڪري گڏ ڪيل.

ميڙَڻُ، م. گڏ ڪرڻ- جمع ڪرڻ. ڍير ڪرڻ. سميٽڻ. گڏڻ- ملائڻ. ميلاپ ڪرائڻ. گهوڙي گهوڙيءَ جو لڳ ڪرائڻ. ٻهاري سان گڏ ڪرڻ. گند ڪچرو ميڙڻ- ٻهارڻ.

ميڙو، ذ. ملڻ- گڏجاڻي- ميلاپ. ماڻهن جو هڪ هنڌ ميڙاڪو- ميلو.

ميڙِهہ، ص. ان ڳاهڻ واري پڙ ۾ ڪُتل مُني جنهن جي چوڌاري ڍڳا ڦرن.

ميڙِهي، ص. ميڙهہ (مُني) جي پرسان ڦرندڙ ڍڳو.

مَيزَ، ث (ف) ڪاٺ جو خاص صندل جيڪو لکڻ پڙهڻ يا ماني کائڻ ۾ ڪم اچي- ٽيبل.

مَيز پوشُ، ذ. ميز تي وڇايل ڪپڙو.

مَيز ڪرسِي، ث. لکڻ پڙهڻ يا کائڻ پيئڻ لاءِ خاص فرنيچر.

مِيزانُ، ذ (ع) جوڙ- ٽوٽل. ساهمي.

مِيزِبانُ، ذ (ف) اُهو ماڻهو جنهن وٽ مهمان آيل هجن.

ميزبانِي، ث. مهمان نوازي- مهماني.

ميسَ، ث. سَڌَ- چاهہ. اُڪير. خواهش.

ميسَ مرڻ، سڌ پوري ٿيڻ. خواهش ختم ٿيڻ.

ميسارَڻُ، م. ميٽڻ- باهڻ (اکر). وسارڻ (دل تان). صاف ڪرڻ- ميدان ڪرڻ.

مُيَسَرُ، ص (ع) موجود- دستياب- حاضر.

مِيسِٺو، ص. چُپ چاپ- خاموش. ظاهري طرح ڀالو ڀولو پر اندر ۾ چالاڪ.

ميسُو، ميسُو پاڪ، ذ. مٺائيءَ جو هڪ قسم. ٻيسڻ ۽ گيهہ مان ٺهيل مٺائي.

مِيعاد، ذ (ع) مقرر وقت. مقرر مُدت. واعدي وارو مُدو.

مِيڪائِيلُ، ذ (ع) چئن وڏن فرشتن مان ٻيو نمبر فرشتو.

مَيڪدَه، ذ (ف) شرابخانو.

مِيڪَش، ص (ف) شراب پيئندڙ.

مَيڪَشِي؛ ث (ف) شراب نوشي.
ميڪَڻُ؛ م. ٻليءَ جو "مياٺو مياٺو" ڪرڻ.
مَينوشُ؛ ص (ف) شراب پيئندڙ- شرابي.
مَيگزِين؛ ث (انگ) خزانو. بارودخانو. گهڻن مضمونن وارو رسالو.
ميگهہُ؛ ذ (سن) ڪڪر- بادل- ابر. جهُڙ- آگم.
ميگهہ ملارُ؛ ذ. ساوڻ جي منڊ ۾ جهُڙ- جهُڙالو.
ميگهواڙ؛ ذ. چَمَ جو ڪم ڪندڙ هندن جي هڪ قوم.
ميگِهي؛ ث. ڦُولڙي.
ميلُ؛ ذ. ميلاپ- گڏجاڻي. ڳانڍاپو. ملاقات. دوستي. آميزش- ملاوت. ٺاهہ- صلح- پرچاءُ. مَرُ- اها مٽي جيڪا جسم تي جمي وڃي. ضلعي دادو ۾ خيرپور ناٿن شاهہ ۾ ميهڙ وارو ڀاڱو (جتي مينهن جو سٺو نسل ٿئي). ميرُ. رغبت. لاڙو- جهُڪاءُ. اتحاد. جوڙ. ٻيٽ. مشابهت- هڪ جهڙائي- يڪسانيت.
مَيلُ؛ ذ. گڏجاڻي. ملاقات. مقابلو (ملهہ جو، راند جو). ميرُ- گندُ. زنگ. اندر جو ڪوٽ- ڪدورت. ٻيائي. (انگ) مفاصلي جو هڪ ماڻُ (١٧٦٠ گز). ٽپال گاڏي.
مَيلُ ڪرڻ؛ مقابلو ڪرڻ (راند ۾)- جوڙ ڪرڻ.
ميلاپُ؛ ذ. گڏجاڻي- وصل. آميزش- ملاوت. صلح- پرچاءُ. اتحاد. ملاقات. ٺاهہ.
ميلاپ ڪرائڻ؛ ملاقات ڪرائڻ. ٺاهہ ڪرائڻ. صلح ڪرائڻ.
مِيلادُ؛ ذ (ع) ڄمڻ جو وقت. نبي سڳوري جي ولادت جي خوشي.
مِيلانُ؛ ذ (ع) رجحان- لاڙو. ڌيان. طبيعت جو لاڙو. رغبت.
ميل جُولُ؛ ذ. ملاقات. صلح. اچ وڃ. لهہ وچڙ.
ميلڻُ؛ م. ملائڻ- گڏائڻ. ملاقات ڪرائڻ.
ميلو؛ ذ. انبوهہ- هجوم. ميڙو. ملاقات- گڏجاڻي. ڪنهن جاءِ تي گڏ ٿيل ماڻهن جو ميڙاڪو. ڪنهن بزرگ جي وفات واري ڏهاڙي تي ساليانو ميڙو.
ميلو لڳائڻ؛ هجوم ڪرڻ. ماڻهو گڏ ڪرڻ. ساليانو جشن ڪرڻ.
مِيمَ؛ ث (ع) "ميم" اکر جو اچار. نبي سڳوري حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن جي نالي مبارڪ جو پهريون اکر. رمز- راز- اشارو.
مِيمَ ۾ ڳالهائڻ؛ ڳجهو ڳالهائڻ. اشاري ۾ اهڃاڻ ڏيڻ.
ميمبَرُ؛ ذ (انگ) جماعت جو رڪن. گهر جو فرد. ڀاتي.
ميمَڻُ؛ ذ. هڪ قوم جو نالو.
مَيِن؛ ض (ف. من) آءٌ- مان.
مين ڪرڻ؛ 'آءٌ' چوڻ. وڏائي ڪرڻ- پاڻ پڏائڻ.
مَينا؛ ث. هڪ قسم جو مشهور پکي (عام طرح "طوطي مينا" جي موضوع تي ڪهاڻيون).
مِينا؛ ث (ف) آسمان. نيرو رنگ. رنگبرنگي شيشو. شراب جو شيشو. سون چاندي يا شيشي وغيره تي رنگين نقش. مرصع ڪاري.
مِينا بازار؛ ث. بادشاهن جي سير لاءِ لڳايل بازار. عورتن جي بازار (جنهن ۾ زالون دڪانداري ڪن).
مِينارَنگ؛ ث. نيرو رنگ- آسماني رنگ. ساوو فيروزي رنگ.
مِينا ڪارِي؛ ث. سون چانديءَ تي رنگين چٽسالي يا

ٻڙن جو ڪم.

مِينارُ، ذ (ف) منارو. مسجد ۾ ٻانگ ڏيڻ جو منارو. سُتون– ٿنڀ. سامونڊي ڪناري تي جهازن کي روشني ڏيکاريندڙ منارو.

مينڍِي، ث. هڪ قسم جو ٻُوٽو (جنهن جي پن جوانئو ٻهي هٿن پيرن کي هڻجي ته ڳاڙها ٿين)– حِنا.

مِيندي لائي ويهڻ، سست ٿي ويهي رهڻ. ڪم ڪار کي ڇڏي ڏيڻ.

مَينڍِرو، ذ. "مومل راڻي" جي قصي جو ڪردار– راڻو مينڍرو.

مِينڍِّ، ث. ڳائڻ ۾ ننڍي مِٺي لٺي واري تان– مُرڪ.

مينڍِّ ۾ مارڻي ڳائڻ، ڳجهيءَ طرح ڳالهه ڪرڻ. اشارن ۾ راز ٻڌائڻ. ڳجهو ڳالهائڻ.

مِيندا، ذ. ڳنڍيل وارن جون ڳنڍيون.

مِيندا ڦُلَ، ذ. ڳهه جو هڪ قسم (جيڪو پيشاني يا سينڌ جي ٻنهي پاسن تي لڳي).

مِيندِي، ث. وارن جي ڳنڍين واري ڳُتَ (ڪنوارين ڇوڪرين جون مينڍيون ويڙهيون آهن).

مِينڍِي ڇوڙڻ، ونواهه ۾ وهاڙڻ وقت ڪنوار جا وار ڇوڙڻ.

مينهِن، ث. هڪ قسم جو مشهور کهرو جانور (کهٽو کير ڏيندڙ، رنگ ڪارو ۽ ڀُورو، پالي ۽ گپ کي پسند ڪري)– مَنجِهه.

مِينهُن، ذ (سن. ميگهه) برسات– بارش. وَسَ– وسڪارو.

مينهَن وَساڙو، ذ. ڳاڙهو ريشم جهڙو هڪ سهڻو جيت (جيڪو برسات جي موسم ۾ واريءَ سي ۽ ڇيڪي زمين ۾ پيدا ٿئي).

مينهن وسڻ، برسات ٿيڻ. بارش ٿيڻ. وسڪارو ٿيڻ.

مينهائو، ص. مِينهن جو. مينهوڳيءَ جو.

مِينهوڳي، ث. برسات جي مند– بارش.

مِيڻَ، ث (ف. موم) ماکيءَ جي مکين جي ماناريءَ وارو مادو.

ميڻ بَتي، ث. ميڻ مان ٺهيل شمع.

ميڻ ڦُلُ، ذ. هڪ قسم جو ڀمبارڪو وکر.

مِيڻو، ذ. گاهه جو هڪ قسم.

مَيو، ذ. اُٺ. (ص) ڀريل– ڀاول. ستارو. مايا وارو.

مَيو متارو، ص. چڱو ڀلو. ڏتو مُتو. سکيو آسودو. ڀاول. تلهو متارو.

مِيون، ذ. آقا– والي– ڌڻي. مالڪ– اڳو. اُستاد– معلم.

ميواتَ، ث. هر قسم جو ميوو. ڳڏوچڙ ميوو. ميوي جي ڪابه جنس.

ميوو، ذ (ف) ڦلُ– ڦرُ– ثمر. نتيجو.

مِيوزِمُ، ذ (انگ) عجائب گهر.

مِيُونسپل، ث (انگ) شهري يا ڳوٺاڻي جماعت.

مِيُونسپالٽي، ث (انگ) اها ايراضي جنهن جي حدن اندر مونسپل جو قاعدو هلي.

ميويدارُ، ص. گلدار– ثمردار.

ميهمانُ، ذ (ف) مهمان– مزمان.

ميهو، ذ. هڪ قسم جي ول ۽ ان جو ڦر (پاڇيءَ طور ڪم اچي).

ميهارُ، ص. مينهون چارِيندڙ– مينهون ڌاريندڙ. "سهڻي ميهار" جي قصي جو هڪ ڪردار (ميهر).

ميهاڳُ، ذ. مينهُن جو ڏڻ.

ميهَرُ، ذ. مينهن جو وڳ ڌاريندڙ– ميهار.

ميءَ، ذ. مُهاڻو. مڇي ماريندڙ. وڍيندڙ. وڪڻندڙ.

ميٺڪو، ص. ميءَ جو. مهاڻن جو. مهاڻن وارو ڌندو.

ڻ

ڻ: ذ (اُچار 'نون') سنڌي الف- بي جو ستيتاليهون اکر، عربي جو پنجويهون ۽ فارسيءَ جو اوڻٽيهون اکر. ابجد موجب عدد (٥٠).

نَہ: ظ (ف. نه) ناڪار جو مفهوم ادا ڪندڙ حرف. مَ. متان.

نہ ڪرڻ: انڪار ڪرڻ.

ڻِ: ظ. سواءِ- بغير. 'ناڪار' جو مفهوم ادا ڪندڙ صفاتي اڳياڙي (جئن نِڪمو، نِياڳو وغيره).

نا: ظ (ف) (صفاتي اڳياڙي طور ڪم ايندڙ. مثلا ناساز، ناڪارو وغيره). نہ. بغير. بنان- سواءِ.

نا آشنا: ص (ف) ناواقف- اڻ سڃاڻو. اڻ ڄاڻ. اجنبي- ڌاريو- غير. اوپرو.

نا آشنائي: ث. اڻ واقفي. اجنبيت. ڌاريائي.

نا اِتفاقي: ث (ف) ڦوٽ- نفاق. اڻبڻت.

نا اُميد: ص (ف) مايوس- نراس. دلگير.

نا اميدي: ث. مايوسي. ناڪامي. نراسائي.

نا اِنصافي: ث (ف) ظلم- انڌير- بيدادي.

نا اَهلِ: ص (ف) نالائق- اڻ قابل. ناموزون.

نا اَهلي: ث. نالائقي.

نا بالغ: ص (ف) بلوغت کي نہ پهتل- اڻ سامايل.

نا بالغي: ث. ننڍپڻ.

نابِري: ث. انڪار. عدولي.

نابري وارڻ: نہ مڃڻ. صاف انڪار ڪرڻ- ناڪاري جواب ڏيڻ.

نابِڪار: ص (ف) بيڪار- نڪمو. بد ذات. لچو.

نابَلد: ص (ف) اڻڄاڻ- نا آشنا.

نابُود: ص (ف) فنا- ناس- چٽ. برباد. ويران.

نابُود ڪرڻ: سڀ ڪرڻ- چٽ ڪرڻ. برباد ڪرڻ.

نابُودي: ث. بربادي. فنا. تباهي.

نابِين، نابِينو: ص (ف) انڌو- ڪُور. اکين کان معذور.

نابِينائِي: ث. آنڌائي. انڌپڻ.

ناپَ: ث. شاخ- لام. وڻ جي پاڙ واري شاخ.

ناپُون ڪوڙڻ: پاڙون هڻڻ- پاڙون پکيڙڻ. چنبا ڪوڙڻ.

ناتارِي: ث. غوراب يا ٻيڙي کي ٻيهارڻ لاءِ زنجير ۾ بدل لوهي چنبن وارو اوزار (جيڪو زنجير پاڻيءَ ۾ اڇلبو تہ تر ۾ کُپي ويندو).

ناتالُ: ذ (انگ) ڪرستانن جي عقيدي موجب 'جيزَس ڪرائسيٽ' جي جمڻ وارو ڏينهن.

ناتِر: ث. ٻانهيءَ- گولي- ڪنيز. "مومل" جي هڪ ٻانهي جو نالو.

ناتو: ذ. رشتو- ويجهائي. قُربت. مائٽي. تعلق- واسطو.

ناتو نباهڻ: دوستي ياري يا پريت وارو تعلق قائم رکڻ. وفاداري ڪرڻ.

نا تَجرِبيڪار: ص (ف) اڻ آزمودگار. اڻ ڄاڻ.

ناٿُ: ذ (سن) مالڪ- ڌڻي. وڏو جوڳي. ناٿ پنٿي گرو.

ناٽُ: ذ (سن) ناچ. تماشو. اٽڪل بازي- حرفت. هنرمندي.

ناٽَ ڪرڻ: نخرا ڪرڻ. انگل ڪرڻ. بهاني بازي ڪرڻ.

نا تمام: ظ (ف) اڻ پورو- اڌورو. ناقص.

ناتوانُ: ص (ف) ڪمزور- هيڻو. اٻرو. بي طاقت. ضعيف- عاجز. لاچار.

نا توانائي: ث. ڪمزوري- هيڻائي. بي طاقتي- ضعيفي.

ناٽڪُ؛ ذ (سن) تماشو. ناچ. کيل سانگ.

ناٽڪِي؛ ص. ناچُو. تماشو ڪندڙ.

ناٽڪو؛ ذ. ناڙڪو- ناڙ- نبض.

ناٺِي؛ ص. ڏيءُ جو مڙس- ڄاٽو- داماد.

ناپاڪُ؛ ص (ف) پليت- آلُودو. گندو- ڪِنو. نجس.

ناپاڪائي، ناپاڪِي؛ ث. نجاست- پليتي. گندگي.

ناپائيدارُ؛ ص (ف) گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪندڙ. بي بقا. بي ثبات. ڪمزور.

ناپائيداري؛ ث. بي ثباتي- ڪمزوري.

ناپَديد؛ ص (ف) مخفي- لڪل. ڳُجهو. گُم- غائب.

ناپسَند؛ ص (ف) اڻ وڻندڙ. ناقبول.

ناپَسندِي؛ ث. نہ وڻڻ جي حالت.

ناپَسنديدَہ؛ ص (ف) اڻ وڻندڙ.

ناپو؛ ذ. 'ڪُرُ' جو ٻج. 'ڪُرُ' مان نڪتل داڻا.

ناپَيدُ؛ ص (ف) اڻ لڀ. غيرموجود. لاڻاني. گُم. فنا. اُجڙ.

ناجائزُ؛ ص (ع) اڻ رِهائيندو. بيجا. بي قاعدي. شريعت جي خلاف.

ناچُ؛ ذ. نچڻ- ڪُڏَ. رقص- نِرت.

ناچ گانو؛ ذ راڳ ۽ ناچ جي محفل- رقص ۽ موسيقي.

ناچارُ؛ ص (ف) لاچار- عاجز. مجبور. بيوس- غريب- مفلس.

ناچاقُ؛ ص (ع) بيمار- عليل- اگهو.

ناچاقِي؛ ث. ناچاقائي. بيماري- اگهائي.

ناچگو؛ ص. اگهو- بيمار.

ناچڻِي؛ ث. رقاصہ.

ناچُو؛ ذ. ناچ ڪندڙ- رقاص.

ناچِيزُ؛ ص (ف) جنهن جي حيثيت نہ هجي. نڪمو. ڪمتر.

ناحَقُ؛ ظ (ع) هريرو- خواهہ مخواہ. بي سبب. ناجائز. (ذ) انڌير- ظلم

ناحقِي؛ ث. بي انصافي- ظلم.

ناخُدا؛ ص (ف) ٻيڙي هلائيندڙ- ناکئو- ملاح.

ناخَلف؛ ص (ع) نالائق. ڪُپُوٽ.

ناخوانده؛ ص (ف) اڻ پڙهيل- بي علم. جاهل.

ناخُوش؛ ص (ف) ناراض. بيزار. بيمار.

ناخوشگوار؛ ص. اڻ وڻندڙ.

ناخوشِي؛ ث. بيزاري. رنجش.

ناخَيري؛ ص (ف) نياڳو- بدبخت. بدخبر. جنهن مان چڱائي نہ ٿئي.

ناڏَہ؛ ث. پاڻي رکڻ لاءِ ٺڪر جو وڏو ٿانءُ- نادي.

نادُ؛ ذ (سن) وڏو ساموندي ڪوڏُ (جيڪو پوڄا پاٺ ۾ وڄائڻ جي ڪم اچي).

نادارُ؛ ص (ف) غريب- ڪنگال- محتاج.

ناداري؛ ث. تنگدستي- محتاجي. مفلسي.

نادانُ؛ ص (ف) ناسمجهہ- اڻ ڄاڻ. بيوقوف- جاهل. مورک.

نادانستگي؛ ث. اڻ ڄاڻائي- بي خبري- لاعلمي.

نادانستہ؛ ص (ف) اڻ ڄاڻائي کان. ڀل کان. غلطي کان.

ناداني؛ ث (ف) اڻ ڄاڻائي. بي علمي. جهالت. بيوقوفي.

نادِرُ؛ ص (ع) اڻ لڀ- ناياب. قليل- عجيب.

نادِري؛ ص. نادرشاہ بادشاہ ڏانهن منسوب. نادر جو (حڪم). تنڊو طنبو. (Tent).

نادِ عَلِي؛ ث (ع. لفظي معنيٰ حضرت "علي ڪرم الله وجه کي سڏ"). عقيدي رکندڙن جي دعا جيڪا ٻارن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌن.

نادِمُ؛ ص (ع) شرمسار- شرمندو- لڄي. پشيمان- پڇتائيندڙ.

نادولو: ذ. ٺڪر جي ننڍي نادِي.
نادِهندَه: ص (ف) موٽائي نہ ڏيندڙ (قرض، اوڌر). قرض نہ موٽائيندڙ.
نادِيدَه: ص (ف) اڻ ڏٺل.
ناڏ: ث. ناد. آواز- صدا. روح راڙو. ڏمڇر.
نارَ: ث (ع) باهہ- آڳ- آتش.
نارِ: ث (سن) عورت. زال. نبض- نَس- رڳ.
نارُ: ذ. مٿاهين زمين تي پاڻي رسائڻ لاءِ هڪ قسم جو هَلَٽُ (جنهن ۾ پاندو ۽ چٽ ۾ چرخا ٿين).
ناراضُ: ص (ف) راضي نہ رهندڙ- بي راضي. رنج- ناخوش. رُٺل.
ناراضپو: ذ. ڪاوڙ- رنج- ڏمر.
ناراضگي: ث. ناراضپو.
ناراضي: ث. ارهائي- رنج- ڪاوڙ.
نارسائي: ث (ف) پهچ نہ هئڻ- پڄندي نہ هئڻ.
نارِنان: ث. عورت- ناري.
نارَنگي: ث (ف) هڪ وڻ ۽ ان جو ڦر- سنگترو.
نارو: ذ. چٽ تان برسات جي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ لوهي نڙو- نيسارو. دريا، جو اُپرندي پاسي وارو هڪ قديم ڦاٽ (۽ هاڻي وڏو واهہ) "اُپرنديون نارو".
نارَوا: ص (ف) ناجائز. بيجا. غيرمناسب.
ناري: ث (سن) عورت- زال. (ص) باهہ جو- دوزخي.
نارِيلُ: ذ. هڪ قسم جو وڻ ۽ ان جو ڦرُ.
ناڙُ: ذ. سارين يا ڪڻڪ جي لاباري کان پوءِ باقي بچيل گاهہ واري زمين. لاباري 'لٽل' زمين.
ناڙُ: م. هر ۾ ڏڳا جوٽڻ، ٻڌڻ (چم جي رسي سان). ناڙي پوک ڪرڻ. ڳنڍڻ- ڳنڍڻ (وهٽ).
نارو: ذ. اُها رڳ جيڪا پيدايش وقت ٻار جي ڏنَ سان ڳنڍيل هوندي آهي. اڳٺ. پاڃاريءَ ۾ ٻڌل چم جو رسو. پاڻي تي ٿيندڙ هڪ قسم جي وَلِ. ڳجرن جا پَن (جيڪي چوپايو مال کائي).
ناڙاچوڙ: ذ. پيشاب.
ناڙا چوڙ ڪرڻ: پيشاب ڪرڻ.
ناڙي: ث. پوک ڪرڻ جو هڪ نمونو- ناڙي پوک.
نازُ: ذ (ف) نخرو- انگل- ماڻو. غرور- فخر.
نازان: ص. ناز ڪندڙ. فخر ڪندڙ.
ناز برداري: ث. انگل کڻڻ- لاڏ کڻڻ.
ناز ڪرڻ: نخرا ڪرڻ- ماڻا ڪرڻ. انگل آرا ڪرڻ. لاڏ ڪرڻ.
ناز نخرا: ذ. لاڏ پيار. انگل آرا.
ناز ونياز: ذ. پيار ۽ اخلاص. لاڏ پيار.
نازبو: ذ (ف) هڪ قسم جو خوشبودار ٻوٽو.
نازڪ، نازُڪُ: ص (ف) نفيس. نرم- ڪونشرو. سَنهون. نزاڪت وارو. سهڻو. ڪمزور.
نازڪ اندام: ص. هلڪي جسم وارو. سهڻن صارونن وارو.
نازڪ بدن: ص. سهڻو. معشوق.
نازڪ مزاج: ص. يڪدم ڪاوڙجي پوندڙ- چيڙاڪ- زود رنج.
نازِلُ: ص (ع) مٿان آيل. هيٺ ايندڙ. هيٺ ايل. لهندڙ.
نازل ٿيڻ: آسمان مان لهڻ. اچي وارد ٿيڻ. اچي ڪڙڪڻ.
نازنين: ث (ف) دلربا. نازڪ اندام. نازڪ ادا. خوبصورت.
نازيبا: ص (ف) بدنما- بدشڪل. غيرموزون. نامناسب. اڻ سُهائيندڙ.
ناسَ: ث. نڪ جو هڪ سوراخ. پيٺل تماڪ (جيڪو نڪ ۾ سڙڪجي يا ڏندن ۾ هڻجي).
ناسُون هڻڻ: نوس نوس ڪرڻ. جاچ ڪرڻ. خبر وٺڻ.
ناسُون ڦوٽارڻ: ڪاوڙ ڪرڻ- آڪڙ ڪرڻ.

ناسُ؛ ص (سن) تباھ- برباد- نابود.

ناس ٿيڻ؛ تباھ ٿيڻ- برباد ٿيڻ. اُجڙڻ.

ناسازُ؛ ص (ف) ناموافق- اڻ ٺهندڙ. بيمار- عليل.

ناسازگار؛ ص. نہ ٺهندڙ- مخالف.

ناسازِي؛ ث. مخالفت. بيماري. الڳت.

ناسپاتِي؛ ث. ميوي جو هڪ قسم (صوف جي جنس جهڙو).

ناسَ پِتو؛ ذ. غيرت. شرم- حيا.

ناسَ پِتو ٻوڙڻ؛ حيا شرم ڇڏڻ. بي غيرت ٿيڻ.

ناسِڪو؛ ذ (سن) نڪ جي ڇَونٽي. نڪ مٿان ڪنيل وڏو ساھ.

ناسڪا هڻڻ؛ نڪ مان وڏا ساھ ڪڍڻ.. اٽڪل روءِ اندازو ڪرڻ. احوال معلوم ڪرڻ.

ناسَمجهہ؛ ص. اياڻو- نادان. بيوقوف- مورک.

ناسَمجهي؛ ث. اياڻپ. ناداني- بي عقلي.

ناسَڻُ؛ م. سج يا چنڊ جي اُڀرڻ کان اڳ هلڪو سهائو ٿيڻ.

ناسُوت؛ ذ (ع) هيءَ جهان. ظاهري عبادت واري منزل. شريعت.

ناسُودو؛ ص. بي نڪو- بي حيا- بي شرم. (ث. ناسُودي).

ناسُورُ؛ ذ (ع) اهو زخم جيڪو هميشه چڪندو رهي. گهرو گهاءُ.

ناسُورِي؛ ص. "ناسور" جي مرض ۾ ورتل. ناسون هڻندڙ. جهوتون ڏيندڙ. نوس نوس ڪندڙ. رولُو.

ناسي؛ ص. 'ناس' جهڙي رنگ جو.

ناشتو؛ ذ. صبح جي ماني- نيرن.

ناشاد؛ ص (ف) ارهو. دلگير- مايوس. نااميد. بدنصيب.

ناشائستگِي؛ ث (ف) نالائقي- بدتهذيبي. بداخلاقي.

ناشائِستہ؛ ص (ف) اڻ سونهندڙ. اڻ وڻندڙ. نالائق. نامناسب.

ناشُدَنِي؛ ث (ف) اڻ ٿيڻي- ناممڪن- محال.

ناشِرُ؛ ص (ع) نشر ڪندڙ- ڇاپيندڙ- شايع ڪندڙ (ڪتاب وغيره).

ناشُڪرو؛ ص (ف) احسان نہ مڃيندڙ. بي ڳڻو.

ناشُڪَرِي؛ ث. ٿورو نہ مڃڻ.

ناشُڪَرِي ڪرڻ؛ احسان نہ مڃڻ.

ناصِحُ؛ ص (ع) نصيحت ڪندڙ.

ناصِرُ؛ ص (ع) حامي- مددگار.

ناطِقُ؛ ص (ع) ڳالهائيندڙ.

ناظِرُ؛ ص (ع) ڏسندڙ. محافظ. ديواني ڪورٽ جو هڪ عهديدار.

ناظُروُ؛ ص. نظر هڻندڙ. بدنظر.

ناظِرَہ؛ ذ (ع) ڏسي پڙهڻ (قرآن شريف).

ناظِرِين؛ ص (ع) مشاهدو ڪندڙ. ڏسندڙ يا ٻڌندڙ.

ناظِمُ؛ ص (ع) انتظام ڪندڙ. سربراھ.

ناغو؛ ذ (ترڪي) فرصت- واندڪائي. موڪل جو ڏينهن. ڪم جو روڪجي وڃڻ نہ وقت پنجي وڃڻ.

ناغو ڪرڻ؛ ڪم ۾ وٿي وجهڻ. موڪل ڪرڻ.

نافَ؛ ث (ف) ڌُن. اورَ- ناڙو.

نافَتَ؛ ث. انڌير- ظلم. اڻ هوند. اڻاٺ- ڪوٽ.

نافِذُ؛ ص (ع) جاري ٿيل (حڪم. فرمان).

نافِذ ڪرڻ؛ جاري ڪرڻ- صادر ڪرڻ (حڪم).

نافَرمانُ؛ ص (ف) حڪم نہ مڃيندڙ. سرڪش.

نافَرمانِي؛ ث. حڪم عدولي. سرڪشي.

نافِعُ؛ ص (ع) نفعو ڏيندڙ- فائدي وارو- سُودمند.

ناقابل؛ ص (ع) اڻ لائق. نالائق. ناموزون. اڻ پڙهيل.

ناقابل بَرداشت؛ ص. نہ سهڻ جهڙو.

ناقابل فهم؛ ص. سمجهہ ۾ نہ اچڻ جهڙو.

ناقبُولِي؛ ث. يڪ سالي ڪِٺت واري زمين.

ناقِدُ؛ ص (ع) پرکيندڙ. کري کوٽي جي پرک ڪندڙ.

تنقيد ڪندڙ.
ناقدِري، ث. قدر نه ڪرڻ- بي قدري.
ناقِصُ، ص (ع) اڌورو- اڻپورو. خراب- بيڪار.
ناقِص العَقلُ، ص. گهٽ سمجهه وارو. بيوقوف.
ناقِصِي، ث. گهٽتائي- اوڻائي- ڪوتاهي.
ناقِلُ، ص (ع) نقل ڪندڙ. بيان ڪندڙ. راوي.
ناقُوسُ، ذ (ع) وڏو ڪوڏ (جيڪو هندو فقير پوڄا جي وقت ڦوڪ سان وڄائين)- ڏنڊ- سنکُ.
ناڪابَندِي، ث. حدبندي. رستي تي پهرو- چَونڪي. ٻاهر نڪرڻ يا اندر اچڻ جي روڪ.
ناڪارو، ص. بي ڪمو- نڪمو- بيڪار. خراب.
ناڪامُ، ص (ف) بي سوبو. محروم. نااميد. بيڪار.
ناڪامياب، ص (ف) امتحان يا آزمايش ۾ ڪامياب نه ٿيندڙ.
ناڪاميابي، ث. ناڪامي.
ناڪامي، ث. محرومي. نااميدي. بيڪاري.
ناڪَسُ، ص (ف) نيچ. ڪميڻو. هلڪو. خسيس- نالائق. اڻپورو. بي ڀيچ. لاچار.
ناڪَسِي، ث. هيٺائي- ڪميڻپ. لاچاري. هلڪائي. نالائقي. مجبوري. غربت.
ناڪو، ذ. رستي جو ڊنگ. گهٽي گليءَ جو لنگهه. محصول وصول ڪرڻ جي جاءِ. پوليس جي چوڪي.
ناڪي بندي، ث. گهٽ يا لنگهه بند ڪرڻ.
ناڪي مُنشِي، ص. ناڪو يا محصول وٺندڙ منشي.
ناڪيري، ناڪيلي، ث. ڪنهن ڏک سبب نڪ مان وهندڙ رت- نڪ هير.
ناڪيلَ، ناڪيلي، ث. اٺ جي نڪ جي چُونڊيءَ ۾ بدل نوڙي- مهار.
ناڪوڙو، ناڪوڙو، ز. نڪ جي چوٽي.
ناکو، ناکُئو، ذ. ٻيڙي هلائيندڙ- ملاح- ٻيڙياتو.

ناگاهه، ظ (ف) اوچتو- اچانڪ.
ناگر موٿ، ث. هڪ قسم جو پسارڪو وکر.
ناگري، ث. هندي ٻوليءَ جو رسم الخط- ديوناگري.
ناگُزِيرُ، ص (ف) اڻ ٽر. لازمي.
ناگُفتَہ، ص (ف) نه چوڻ جهڙي (ڳالهه. حالت).
ناگوارُ، ص (ف) مزاج جي خلاف- اڻ وڻندڙ.
ناگهه، ظ (ف) اوچتو. بي خبري ۾. ناگهان.
ناگهَان، ظ (ف) اوچتو- اچانڪ. اتفاق سان.
ناگهَاني، ظ. اوچتو- اتفاق سان.
نالِ، ظ (سرائڪي) سان- گڏ- شامل.
نالُ، ذ. جُوا جي داءَ ۾ لڳل رقم مان اهو حصو جيڪو ڪٽيندڙ ادا ڪندو ۽ اڏي جو مالڪ وصول ڪندو. گهوڙي جي سُنبن جي حفاظت لاءِ گولائون لوهه پٽ. بندوق جي نالي.
نالان، ص (ف) روئندڙ. دانهون ڪندڙ. شڪايت ڪندڙ. عاجز- تنگ.
نالائقُ، ص. اڻ لائق. بدفضيلت.
نالائقي، ث. نااهلي. بدفضيلتي.
نالِش، ث (ف) دانهن ڪُوڪ. فرياد.
نالو، ذ. نام- نانءُ- اسم. لقب. مشهوري. ڌاڪَ. عزت. ساک. يادگار.
نالو بَد ڪرڻ، ٻوڙڻ، خوار ڪرڻ. بدنام ڪرڻ.
نالو ٿيڻ، مشهور ٿيڻ. ناموس ٿيڻ.
نالو پيدا ڪرڻ، مشهور ٿيڻ. نالي وارو ٿيڻ. ڪنهن غيرمعمولي ڪارنامي جي ڪري مشهور ٿيڻ.
نالو روشن ڪرڻ، نيڪ نام ٿيڻ. مشهور ٿيڻ.
نالو وٺڻ، جُوني ڪٿڻ. چرچ ڪرڻ. الزام هڻڻ.
نالي پائي، ص. ساڃهي نالي وارو.
ناليرو، ص. نالي وارو. هاڪارو. مشهور.

نالي چڙهڻ: مشهور ٿيڻ.
نالہ: ذ (ف) فرياد، آه وزاري- واويلا.
نالي: ث. موري- کسي، ڪني پاڻي جي کسي، آڏ.
نامُ: ذ (ف) نالو. شهرت- مشهوري. هاڪ- ڌاڪ.
نام ونمود: ذ. نالو نشان.
نامہ: ذ (ف) چِٺي- خط. لکيت.
نامہ اعمال: ذ. اعمال نامو.
نامہ بَر: ص. خط رسائيندڙ. قاصد.
نامہ نِگار: ص (ف) خبر ڏيندڙ. خبر لکندڙ. اخبار جو خاطو- رپورٽر.
ناماچارُ: ذ. نالو- مشهوري. هُل- ڌاڪو. هاڪ.
نامانوس: ص (ف) نا آشنا- اڻ واقف.
نامَحرم: ص (ع) اڻ واقف. ڌاريو- اوپرو- غير. اهو ماڻهو جنهن سان مُنهن لڳ نہ هجي.
نامدارُ: ص (ف) نالي وارو. مشهور.
نامُراد: ص (ف) ناڪام- محروم. بدنصيب.
نامرادي: ث. ناڪامي. محرومي. نياڳ.
نامَردُ: ص (ف) مردانہ طاقت کان خالي. مڙسيءَ کان سواءِ. ڊڄڻو. بزدل.
نامَردي: ث. بزدلي.
نامزد: ص (ف) ڪنهن ڪم لاءِ مقرر ڪيل.
نامزد ڪرڻ: مقرر ڪرڻ. منسوب ڪرڻ.
نامُساعد: ص (ف) ناسازگار- اڻ موافق (حالتون).
نامَعقول: ص (ف) اڻ وڻندڙ. بيوقوف.
نامَعلوم: ص (ف) ناواقف. اڻ واقف. اڻ سُڃاتل.
نامَڪيو: ص. نالي وارو- نالي چڙهيل. نامي گرامي.
نامُمڪن: ظ (ع) اڻ ٿيڻي.
نامُناسب: ص (ع) غيرمناسب- ناموزون. اڻ وڻندڙ.
نامَنظور: ظ (ع) ناپسند. رد.
نامنظور ڪرڻ: نہ مڃڻ- انڪار ڪرڻ. رد ڪرڻ.
نامو: ظ (ف. نامہ) خط- چِٺي. لکيت.
ناموافِقُ: ظ (ف) اڻ سهائيندڙ. اڻ ٺهندڙ. ناگوار.
ناموافقت: ث. اڻ ٺهندي. اڻ برابري.
ناموَرُ: ص (ف) نالي وارو. مشهور. هاڪارو.
ناموَري: ث. مشهوري. ناموس. نيڪي.
ناموزُون: ظ (ف) بي جوڙ. اڻ سُهائيندڙ.
ناموسُ: ث (ع) آبرو- لڄ. جيڪا ڳالهہ عزت جو باعث هجي. ننگ- غيرت.
نامي: ص (ف) مشهور. نامور. نالي وارو.
نامي گِرامي: ص. عام مشهور. ڄاتل سڃاتل.
ناميو: ص. ناليرو- مشهور. نالي چڙهيل.
نانُ: ذ (ف) ماني. تنور جي پڪل خميري واري خاص ماني.
نان جَوين: ذ. جَون جي رکي سُکي ماني.
نان نفقہ: ذ. ماني ۽ ڪپڙو لٽو. گهر جو خرچ.
نانا: ظ. طرحين طرحين- قسمين قسمين.
نانا پرڪارَ: ذ. قسمين قسمين تماشا. رنگا رنگي نظارا.
نان خَطائي: ث (ف) کنڊ ۽ ميدي مان ٺهيل خاص قسم جي ٽِڪي.
نانڪُ: ذ. گرونانڪ. سِکّ فرقي جو باني (سنہ ١٤٦٩- ١٥٢٩ع).
نانڪ شاهي: ذ. فقيرن جو هڪ گروه. هڪ اڳئين سِکي جو نالو.
نانگُ: ذ (سن. ناگ) سَپُ. ڪارو نانگ.
نانگا: ذ. هندو فقيرن جو هڪ فرقو. اگهاڙا.
نانگ ڦڻ: ث. هڪ قسم جو زهري ٻوٽو (جنهن ۾ نانگ جي ڦڻ جهڙيون ٽاريون ٿين ۽ اُن ۾ زهريلا ڪنڊا ٿين).
نانگلي: ث. هڪ قسم جو اوبڙ (برسات جي موسم ۾ ٿئي، اڇا ۽ ڳاڙها داڻا. اناج جي جنس وانگر).

نانگڻِ، ث. نانگ جي مادي.
نانگو، ص. اگهاڙو- ننگو. اهو سادو جيڪو اگهاڙو رهي. (ث. نانگي).
نانگو پِنُو، ص. چڙو ڀانڊ. اڪيلو. جنهن جو ڪو اوهي واهي نہ هجي. نڌڻڪو.
نانگيلِ، ث. پانَ جي وَلِ.
نانگيل ڦوسيل، ذ. ٻارن جي راند. ٻارن جي راند جو اصطلاح.
نانو، ذ. ماءُ جو پيءُ.
ناني، ث. ماءُ جي ماءُ.
نانيءَ ويڙهو ڪرڻ، پنهنجن کي ورسائڻ. فقط پنهنجن کي فائدو رسائڻ.
نانِوائِي، ص. ماني پوڙ ناهي وڪڻندڙ.
نانهِ، نانهِن، ث. نفي- نہ. عدم. نيستي.
نانءُ، ذ. نالو- اسم. ناموس.
نانءُ چڙهيو، ص. نالي چڙهيو.
ناواقف، ص (ف) غيرواقف. اڻ ڄاڻ. ناتجربيڪار.
ناواقفيت، ث. اڻ واقفيت.
ناڻو، نقدي- ڏن- دولت- رقم.
ناوَڪَ، ناڪَ، ث (ف) تيرُ- ٻاڻ.
ناوِلُ، ذ (انگ) وڏي ڪهاڻي.
ناهَرُ، ذ. بگهڙ (جانور)- گُرگ.
ناهِري، ذ. سنبت جو نائون مهينو.
ناهَموار، ص (ف) هيٺ مٿي- بنا سنوَت جي (پٽ، زمين)- ڪڙ ٻڙ.
ناهَنجار، ص (ف) بدچال. ڪميڻو. نالائق. ڪَپُوت.
ناهيدُ، ذ (ف) زهرو گره.
نائبُ، ص (ع) ماتحت. قائم مقام- عيوضي.
نائڪُ، ذ. هڪ فوجي عهديدار (جنهن جي هٿ هيٺ ڪي سپاهي هجن). پنيوالن جو اڳواڻ. راڳ جو ماهِر (جيڪو ڪي نوان راڳ جوڙي).
نائڪو، ذ. (پٽي ٻاري جو لفظ). ڏيکو ۾ تندي آڏ.
نائِڻُ، م. نَمائڻ- جُهڪائڻ. هيٺ ڪرڻ (ڪنڌ). اوتڻ (پاڻي).
نائو، ذ. جنڊ جي تار يا مڪڙي مان اٽي صاف ڪرڻ جي اڳڙي. تاڃيءَ جون اڻ اُڻيل تندون جيڪي اوڃي کان پوءِ وڌي ڇڏجن- ڏهيون. مَس ڪپڙيءَ ۾ وجهڻ لاءِ سُٽَ يا سَٽيءَ جي ڪوٽ.
نائونوش، ذ (ف) عيش عشرت. شراب ڪباب.
نائِي، ص. حجم.
نايابُ، ص (ف) اها چيز جيڪا وِرلي هٿ اچي- نادر. قيمتي- اَملهہ.
نِبُ، ذ (انگ) اسٽيل. انڊيپن وغيره جي لوهي چهنب.
نِباتَ، ث (ع) مٺاڻ جو هڪ قسم. قند- مصري. کنڊ جي چاش مان ٺهيل مخروطي ٽڪي.
نِباتاتِ، ث (ع) اوڀڙ (وڻ ٽڻ، ٻُوٽا، گاهہ وغيره). ساوڪ.
نِبارُ، ص. خالص- نج. پاڪ صاف. اصلي- سچو.
نَباضُ، ص (ع) نبض ڏسندڙ. نبض شناسي ۾ مهارت رکندڙ. ماهر طبيب.
نِباهُ، ذ. گذارو- رفاقت- گذربسر. ميلاپ. قُربت. وعدي وفائي. وفاداري.
نِباهِڻُ، م. بسر ڪرڻ- گذارڻ- گهارڻ. پارڻ (انجام). رفاقت ڪرڻ. ساٿ ڏيڻ. وفاداري ڪرڻ.
نِبتَرُ، ص. بدحال. هيڻو.
نَبرد، ذ (ف) لڙائي.
نَبرد آزما، ص. جنگجو- بهادر.
نِبَرڻُ، م. پڄالي ٿيڻ. خاتمو ٿيڻ. فيصلو ٿيڻ. مڪمل ٿيڻ. توڙ رسڻ.

نِبرِيل: ص. صفا چٽ. ختم ٿيل. فيصل ٿيل. توڙ تائين پهتل.

نَبضَ: ث (ع) ناڙ- رڳ- نس. شريان.

نبض سَڃي ڪرڻ: سُڀاءَ مان واقف ٿيڻ. عادت يا چال سڃي ڪرڻ.

نَبُوتَ: ث (ع) الاهي احڪامات ماڻهن تائين رسائڻ جو عمل. پيغمبري- رسالت.

نِبَهَڻُ: م. نباهه ٿيڻ. گذرڻ (وقت). رفاقت رهڻ. گذر ٿيڻ. نِبرڻ.

نَبِي: ذ (ع) الاهي احڪام رسائيندڙ. پيغمبر- رسول.

نَبِيذُ: ذ (ع) شراب.

نِبيَرڻ: م. ختم ڪرڻ. فيصل ڪرڻ. جدا ڪرڻ. چيهه ڪرڻ. وهنوار ختم ڪرڻ. تڪميل ڪرڻ.

نِبيرو: ذ. فيصلو. پڄاڻي- خاتمو. توڙ. نياء- انصاف. اَڪلاءُ.

نبيرو ڪرڻ: نياء ڪرڻ- فيصلو ڪرڻ.

نِٻَرُ. نِٻَلُ: ص. ڪمزور- هيڻو- اُيرو.

نَڀُ: ذ. آسمان- اُڀُ.

نِڀاڳُ: ص. بدبختي- ادوراڻي- ڪم نصيبي.

نِڀاڳائي: ث. نڀاڳ.

نِڀاڳو: ص. اڀاڳو- بدنصيب- چنڊو- نڌورو. منحوس. (ث. نِڀاڳي).

نِڀائڻ: م. نباهڻ. بسر ڪرڻ.

نِڀَندو: ص. توڙ تائين نباهه ڪرڻ وارو. نِڀَهندو.

نِڀاڻِي: ث. اها عورت جنهن کي ٻار نه هجي (زالون پاراتي طور هڪ ٻئي کي چون).

نِڀُور: ص. نهايت- تمام (ڪارو).

نَتَ: ث (ع. نطع) ٻاڪري جي مٿان وڌل چمڙي جو پوش.

نِتُ: ظ. هميشه- سدائين. دائم.

نت نَئون: ظ. اڳئين کان اڳرو.

نَتائج: ذ (ع) نتيجا.

نِتِ نِتِ: ظ. هميشه- سدائين. هرروز.

نتيجو: ذ (ع) غرض- مطلب- ماحَصل. آخر- خاتمو. انت- انتها. ڦل. بدلو. امتحان جو فيصلو- رزلٽ.

نتيجو ڀوڳڻ: ڪَئي جي سزا لوڙڻ.

نَٿَ: ث. هڪ قسم جو ڳهه (سونو ڳهه، جيڪو فقط سهاڳڻيون نَڪ ۾ پائين). ڍڳي جي نڪ ۾ پيل رَسي.

نَٿ هڻڻ: اٺ کي نڪ ۾ نوڙي وجهڻ. قابو ڪرڻ. مطيع ڪرڻ.

نَٽُ: ذ (سن) بازيگر (رسي تي تماشو ڏيکاريندڙ). نخرو- انگل.

نَٽَ نخرو: ذ. ناز نخرو- انگل ماڻو.

نَٽائِڻُ: م. لنوائڻ. اڻ ٻڌو ڪرڻ. ٽَسائڻ- گوهي ڪرڻ. ناٽو وجهڻ. بهانا ڪرڻ. گوٽ نات ڪرڻ.

نَٽاڻو: ص. نٽائيندڙ. ٽَسائيندڙ. گوسڙو.

نِٽَهو: ث. اُسَ. تيز اُس. سخت گرمي واري اُس.

نَٽِي: ص. ناز نخرو ڪندڙ- نخريلي.

نِٽَرُ: ص. بي ڇيو. ضدي. نوڌُ. جنهن تي چوڻ چائڻ ڪو اثر نه ڪري.

نِٽرپائي: ث. ضد. هوڏ.

نِثارُ: ص (ع) گهور- صدقي- قربان- ٻلهار. عاشق.

نِثار ٿيڻ: صدقو ٿيڻ. قربان ٿيڻ. گهوري وڃڻ.

نَثرُ: ذ (ع) اها عبارت جيڪا شعر ۾ نه هجي. تحرير- لکيت.

نثر نويس: ص. نثر ۾ مضمون لکندڙ. مضمون نگار. ليکڪ.

نَپُ: ذ. ٻن ڪاٺين کي ملائڻ لاءِ ترڇي وڍ وارو جوڙ يا ڳنڍُ.

نِپائڻُ؛ م. پالڻ- پرورش ڪرڻ. پالي وڏو ڪرڻ.

نِپايل؛ ص. پالي وڏو ڪيل. سانڍيل- پاليل.

نِپَٽُ؛ ظ. پوريءَ طرح- مڪمل طرح. بلڪل.

نِپُٽو؛ ص. جنهن کي پُٽ پهي نہ هجي. بي اولاد. نياڳو. منحوس. (ث. نِپُٽي).

نِپجَڻُ؛ م. پلجي وڏو ٿيڻ. پرورش ٿيڻ. پلجڻ- سانڍجڻ.

نِپُوڙُ؛ ث. چِپَ- پيڙ.

نِپُوڙڻُ؛ م. چِپَ ڏيڻ. چپي رس ڪڍڻ. پاڻي ڪڍڻ. چيپاڻڻ.

نِجُ؛ ص. پنهنجو- ذاتي- خانگي. نبار- صاف- سچو- اصلي.

نَجابَتَ؛ ث (ع) اشرافت. خانداني اصالت.

نِجاتَ؛ ث (ع) رهائي- آزادي- ڇوٽڪارو.

نِجاسَتَ؛ ث (ع) گندگي- پليتي- ناپاڪي- غلاظت.

نِجُ پِجُ؛ ظ. هوبهو- ساڳيو. نِس پِس.

نَجِسُ؛ ص (ع) گندو- پليت- ناپاڪ.

نَجمُ؛ ذ (ع) تارو- ڪوڪب.

نِجو؛ ص. ذاتي- خانگي. خالص- نِجُ- نِبار. (ث. نِجي).

نُجُومُ؛ ذ (ع) 'نجم' جو جمع. تارا- ڪواڪب. تارن جي اُيرڻ لهڻ وغيره جو علم- جوتش وديا.

نَجُومِي؛ ص. تارن، گرهن، سج چنڊ وغيره جي علم جو ماهر.

نَجِيبُ؛ ص (ع) اشراف. اعليٰ نسل جو. خانداني.

نَجِيبُ الطرفين؛ ص. ماءُ پيءُ جي طرفان صحيح نسب.

نَجاڻِ؛ ظ. مَرَ جاڻ. متان. اوچتو.

نَجاڻا؛ ظ. شايد- الاجي- جيڪس.

نِجُهرَڻُ؛ م. ڳرڻ- جهجڻ. ڳَلتيءَ ۾ ڳرڻ. هيٺو ٿيڻ- ڏٻرو ٿيڻ.

نِجُهرو؛ ذ. جهُوپو- اجهو- گهر. بستي- جُوءِ.

نَچَ؛ ث. نچڻ جو عمل- ناچ- رقص.

نِچُ؛ ظ. نِتُ- هميشه. پلي پت- پَلي ڪري.

نَچائِڻُ؛ م. ناچ ڪرائڻ- رقص ڪرائڻ. اشارن تي هلائڻ. هيٺ مٿي ڪرڻ. پريشان ڪرڻ.

نَچڪو؛ ذ. ناچ. ٽپ ڏيئي نچڻ. نچڻ ڪڏڻ.

نِچڪِلو؛ ذ. نَڪچُلو. وارن کي چونڊڻ جو اوزار- چمٽي.

نَچَڻُ؛ م. ناچ ڪرڻ. رقص ڪرڻ. ٽپڻ ڪڏڻ. خوشيءَ مان ٽَپ ڏيڻ.

نَچِڻي؛ ث. ناچو عورت- رقاصہ.

نِچوڙُ؛ ذ. رُس. روح- جوهر. خلاصو- تت. نتيجو. نِپُوڙ.

نِچوڙَڻُ؛ م. نِپُوڙڻ. پاڻي ڪڍڻ. عرق ڪڍڻ.

نِچوئِڻُ؛ م. ٿاڻ ۾ لڳل پاڻيٺ (تيل گيهہ وغيره) کي چڱيءَ طرح اگهڻ. چوپائي ۾ کير جا رهيل پاندا ڏهي ڪڍڻ.

نِچَ؛ ث. نڪ مان زور سان آيل ٺوڪارو (جنهن سان گهٽو ڪري مغز مان بہ هوا نڪري)- ڇڪَ.

نَڇتَرُ؛ ذ (سن. نڪشتر) نکٽ. تارو. تارن جو ميڙ. آسمان ۾ چنڊ جي رستي جا اٺاويهہ گهر يا منزلون (اهي تارن سان سڃاتا ويندا آهن. جيئن تہ ڪِتي، هرڻ، گهر، ڪوهہ، ڪٽ، شينهن، ٽيڙو وغيره).

نَچَڻَ؛ ص. نہ چڏيندڙ. ثابت قدم. ارادي جو پڪو.

نَحرُ؛ ذ (ع) ذبح- قرباني.

نحر ڪرڻ؛ (ميت کي) دفنائڻ.

نَحسُ؛ ص (ع) نياڳو- بَد- منحوس.

نَحوُ؛ ذ (ع) اهو علم جنهن سان ٻوليءَ ۾ لفظن، جملن، فعلن وغيره جي گردانن جي ڄاڻ ٿئي.

نَحوِي؛ ص. علم نَحوَ جو ماهر.

نَحوسَت؛ ث (ع) نياڳ- بدبختي- شومت.

نَحِيفُ؛ ص (ع) اِيرو- ڏٻرو. نازڪ. ضعيف.

نُختِي، ث. مناٺيءَ جو هڪ قسم- ٻُوندي.
نَخرو، ذ (ف) انگل- ناز- مالو- غمزو- لاڏ. ٻهانو.
نخرا ڪرڻ، انگل ڪرڻ. مالا ڪرڻ. ٻهانا ڪرڻ.
نَخري بازُ، ص. نخرا ڪندڙ- نخريلو. انگلي.
نخري بازي، ث. انگل- لاڏ- مالا. ٻهانا.
نَخريلو، ص. نخرياز. (ث. نخريلي).
نَخلُ، ذ (ع) کجيءَ جو وڻ. وڻ- درخت.
نَخلستانُ، ذ. ريگستان ۾ اُهو هنڌ جتي وڻ هجن.
نُخوَتَ، ث (ع) غرور- گهمنڊ. تڪبر. فخر. هَٺ.
نِدا، ث (ع) آواز- سڏ. سڏڻ جو آواز. صدا.
نِدارَت، ص (ف. ندارد= بنا ثمر جي) ٺلهو- سکڻو. بيڪار- نڪمو.
نَدافُ، ذ (ع) پيڃارو.
نِدامَت، نَدامَت، ث (ع) شرمندگي. پشيماني- پڇتاءُ.
نُدرَتَ، ث (ع) عمدگي- خوبي. انوکائي.
نِدورو، ص. ڏليل- پنڪندڙ- رولو. نِڀاڳو- ڪمبخت- ڇندڙو.
نَدِي، ث. ننڍو درياهه. درياءُ. نئِن. واهُڙ.
نَدِيدو، ص (ف) جنهن ڪجهه نه ڏٺو هجي. جنهن ڪڏهن سُٺو کاڌو نه چکيو هجي. سِڪڻو. ٻين جي کاڌي ۾ جوهه وجهي ڏسندڙ. بي شرم- بي نڪو.
نَدِيمُ، ص (ع) دوست- ساٿي.
نِڌِ، ظ. مُنڍ يا پُڇاڙي. شروعات. خاتمو- دنگ. آخر- توڙ.
نِڌانُ، ظ. آخرڪار- پوءِ- نيٺ- بعد ۾.
نِڌرُ، ص. بي سهاري. بيواهه- بيوسيلي. بي پهچ. ويچارو- لاچار.
نِڌڪُ، ص. نِڌڪو- بيواهو.
نِڌڪو، ص. جنهن جو ڪو به مٽ مائٽ نه هجي. جنهن جو ڪو ڌڻي ڌوڻي نه هجي. لاوارث. بي واهو- ڇيالو. رولاڪ. ڏتڙيل. (ث. نڌڪي).
نِڊَرُ، ص. نه ڊڄندڙ. بي ڊپو- دلير.
نَذْرُ، ذ (ع) صدقو- قرباني. باسَ- سکا. وڏي ماڻهو کي پيش ڪيل نذرانو.
نذر ڏيڻ، صدقو ڪرڻ. سُپرد ڪرڻ. سکا ڏيڻ.
نَذرانو، ذ (ف) تحفي طور ڏنل چيز. صدقو.
نَرُ، ذ (ف) مذڪر (ماڻهو، جانور، ساهوارو، ٻوٽو، وڻ). جنس مذڪر. مرد. مڙس. بهادر- پهلوان.
نَرِ پکي هڪلجڻ، سخت ڇڙکسي هجڻ. اهڙو پردو جو پکي به اُڏامي اندر نه اچي.
نرمادِي، ذ. جوڙو- جفت (مذڪر ۽ مؤنث جو).
نِراسُ، ص (سن) نااميد- مايوس. محروم. دلگير.
نِراسائِي، ث. نااميدي. مايوسي. اُداسي.
نِراڙُ، ص. پيشاني- نِرڙُ- جبين.
نِرالو، ص (سن) جدا. نِيارو. انوکو. الڳ. عجيب. (ث. نرالي).
نرالي حالت، ث. انوکي ڳالهه- اِستثنا.
نِراهُ، نِرهُ، ص. محروم- نااميد.
نِرتِ، ث. نظر- نگاهه. اک. بصارت. (سن) ناچ- رقص.
نِرجائِي، نِرجائِي، ث. ضد- تيسو. نلرتائي.
نِرجو، نِرجو، ص. نڪ جو ڏاڍو- بي شرم. بي حيو. ضدي- نلر.
نِرْخُ، ذ (ف. نِرخ) اگهه. ملهه. قيمت- بَها.
نِرخنامو، ذ. بازار جي اگهن جي لسٽ.
نِرڙُ، ذ. پيشاني- نراڙ.
نَرسَ، ث (انگ) دائي. مريض جي سنڀال ڪندڙ دائي.
نَرغو، ذ (ف) شڪار جي اصطلاح ۾ ماڻهن جو اُهو ٽولو جيڪو ٽَڙ ڪري شڪار کي وراڻي شڪاري جي سامهون آڻي. هجوم- پيڙ. گهيرو.

نَرَغي ۾ اچڻ، حصار ۾ اچڻ- گهيري ۾ اچڻ. ڦاسجي پوڻ.
نَرِڦوڙو، ذ. وڏي ايلاچي (خوشبودار مصالحو).
نَرڪُ، ذ (سن) نرڳ- دوزخ.
نَرگِس، ذ. هڪ قسم جو گُل ۽ ٻُوٽو.
نَرڳُ، ذ (سن) دوزخ- جهنم. عذاب. (ص) ڪِنُ- گندگي. پليتي.
نَرڳِي، ص. دوزخي. گدلو- غليظ.
نِرگهَٽُ، نِڙگهَٽُ، ذ. نِڙيءَ واري شهه رڳ.
نِرلَجو، ص. بي شرم. جنهن کي لڄ نه هجي. (ث. نرلجي).
نَرَمُ، ص (ف) ڪُومل- ڪُونئرو- ملائم. نازڪ- نفيس. لِڱڙو- ڦِلهڙو.
نرم دل، ص. رحمدل. ٻاجهارو. ٻاجهارو. ٻياس ڪندڙ.
نَرمائِي، ث. نرمِي.
نِرَملُ، ص. اڇو اُجرو. پاڪ صاف.
نَرمِي، ث (ف) ڪُوملتا. نزاڪت. گداز. ڪونئرائي. ڪُولڙائي. بردباري- سنجيدگي. آهستگي. رحمدلي.
نَرَنان، نَرناه، ذ. 'نر' نالي وارو - مذڪر نالو. ٻجهارت ۾ نر جنس جي لاءِ ڪم ايندڙ اشارو.
نَرو، ذ. هڪ عضوو- آنو- خصيو.
نَرا ڪڍڻ، گهوڙي يا ٻئي ڪنهن جانور جو اڳيون ٻئي ٽنگون مٿي ڪڍي اُلر ڪرڻ.
نَرو ڏيڻ، سامهون ٿيڻ. وڙهڻ لاءِ اُلر ڪرڻ.
نِرو، ص. خالص- نج. صاف. اڪيلو- ڇڙو. سادو. (ظ) رڳو- فقط. بلڪل. سراسر.
نِروارُ، ظ. ظاهر- ڪليو- پڌرو.
نروار ٿيڻ، چٽو ٿيڻ- ظاهر ٿيڻ. منظر عام تي اچڻ.
نَروٽو، نَروٽيو، ص. نَر ڇوڪرو. (ث. نَروٽي).
نِروڳي، ص. جنهن کي بيماري نه هجي. چڱو ڀلو- تندرست.
نِروڳيو، ص. (نـ+ روڳ) جنهن ۾ روڳ نه هجي- صحتمند ڪاڏو. صاف سٿرو- صحت بخش.
نِرَهه، ص. نراس- محروم. وانجهيل. نااميد.
نَري، ث. ٽنگ يا ٻانهن جي اندرين پوري هڏي. وچين آڱر جي چوٽيءَ کان ولي ٿونٺ تائين ماپ (ڪپڙي وغيره جي ڏيگهه ويڪر جو هڪ ماپو).
نَرينو، ذ (ف). نر- مذڪر.
نَرينو اولاد، ذ. پُٽ- نر اولاد.
نَريو، ذ. مٽيءَ جو نارو (ڇت تي وجهڻ لاءِ). ٺڪر جو نيسارو.
نَڙُ، ذ. ٻانس. ڪانهن يا ڪنگور جو اندريون پورو ڪانو. حقي يا چلم ڇڪڻ لاءِ پورو ڪانو. هڪ قسم جو ساز- ڪاني. الغوزو. نڙاندي.
نَڙائي، ص. نڙ وڄائيندڙ.
نَڙالِي، نَڙاندِي، ث. ننڍو نڙ. سٽ وغيره ويڙهڻ لاءِ پوري نَلِي- نَڙو.
نِڙگهَٽُ، نِڙگهوٽو، ذ. ڪنڌ ساهه کڻڻ واري نلي. نِڙي. ڳِچي.
نَڙو، ذ. ڪورڪي ڪم جو هڪ اوزار. سُٽ ويڙهڻ لاءِ ڪاٺ جي نلي- نڙاندي. لوهه يا ربڙ وغيره جو پائيپ.
نَڙي، ث. نڙاندي.
نِڙي، ث. جسم جو هڪ عضوو (کاڌي کائڻ يا ساهه کڻڻ واري نَلِي)- نڙگهٽ. ڳِچي. ڪنڌ.
نِزاعُ، ذ (ع) تڪرار- جهيڙو- فساد. عداوت. دشمني.
نِزاڪَتَ، ث (ف) ناز ۽ ادا. نازڪ مزاجي. نفاست. سهڻائي. سونهن- سوڀيا.
نِزد، ظ (ف) ويجهو- قريب- اوڏو. پرسان.
نِزديڪ، نَزيڪ، ظ (ف) ويجهو- قريب. اڳيان. پرسان.
نَزعَ، ث (ع) سڪرات. پويان پساهه.

تَزلو؛ ذ (ع) زڪام– ريزش. ليس.
تَزلو ڪِرڻ؛ ڪنهن عضوي تي نزلي جو اثر ٿيڻ. مصيبت اچڻ. نقصان پهچڻ.
نُزولُ؛ ذ (ع) نازل ٿيڻ. مٿان اچڻ. قرآن شريف يا وحي جو نازل ٿيڻ.
نُزهَت؛ ث (ع) پاڪيزگي. تازگي. خوشي. خوشحالي. فرحت– سُرور.
نَزاد؛ ث (ف) اصل نسل. خاندان. حسب نسب.
نَسَ؛ ث. نبض– ناڙ– رَڳ. مردانو مخصوص عضوو. وڻ جي پَنن يا ريشي جو تاندورو.
نَس سَهي ڪرڻ؛ طبيعت کي سمجهڻ. مزاج کان واقف ٿيڻ. ڪمزوري يا عيب کان واقف ٿيڻ.
نِساء؛ ث (ع) زالون– عورتون.
نِسائِڻُ؛ م. سُسائڻ– سُڪائڻ (ڦٽ ڦرڙي، زخم).
نَسَبُ؛ ذ (ع) اصل نسل. گهرالو– خاندان. پيءُ جي طرفان نسبت– آباڻي پيڙهي.
نسب نامو؛ ذ. پيڙهين جو شجرو.
نِسبَتَ؛ ث (ع) ناتي ٿيڻ– منسوب ٿيڻ. تعلق– لاڳاپو. ماٽي. (ظ) پيٽ ۾.
نَسِبِي؛ ث. ڪَنن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهڻ. (ص) نسب جو. پيڙهائتو.
نِستائِي؛ ث. ڪمزوري– هيڻائي. ضعيفي.
نِستو؛ ص. ڪمزور– هيڻو– ايرو. بي طاقت.
نَستَعلِيقُ؛ ذ (ع) لکڻ يا تحرير جو هڪ نمونو (جنهن ۾ فارسي يا اردو لکي وڃي ٿي).
نِس پِس؛ ظ. هوبهو– بلڪل ساڳيو.
نُسخو؛ ذ (ع) ڪتاب. قلمي مسودو. اهو ڪاغذ جنهن تي ڊاڪٽر يا طبيب دوا ۽ ان جي ترڪيب لکي.
نِسرَڻُ؛ م (سن) نڪرڻ– ٻاهر ٿيڻ. ظاهر ٿيڻ. اُيڙڻ– ڦٽڻ (ٻوٽ، سنگ). اُيرڻ. انگورجڻ.
نَسرِين؛ ذ (ف) اڇو گُلاب.
نَسُل؛ ذ (ع) آل اولاد. آل عيال– ٻار ٻچا– خاندان. قوم– قبيلو.
نِسَنگُ؛ ص. بي ڊپو– بي خوف. ظاهر ظهور. سورهيه.
نِسَڻُ؛ م. سُسَڻ– گهٽجڻ (زخم، ڦٽ، ڦرڙي).
نَسوارَ؛ ث. تماڪ مان ٺهيل هڪ نشيدار وکر.
نِسوان؛ ث (ع. نِساء جو جمع) عورتون– زالون.
نِسوانِي؛ ص. عورتن جو.
نِسورو؛ ص. سربستو– سمورو– سڄو. نج– خالص. نِرو.
نِسيانُ؛ ذ (ع) وِسر– فراموشي. ڀُل چُڪ.
نَسِيم؛ ث (ع) وڻن ٻوٽن جي سُرهي هوا. ٿڌڙي هير.
نَسِيم سَحر؛ ث. صبح واري ٿڌڙي هير.
نِشاستو؛ ذ (ف) ڪڻڪ جو گُودو (جنهن مان مٺائي ٺهي).
نِشاطُ؛ ث (ع) خوشي. فرحت. سُرور. عيش جو مزو.
نشاط افزا؛ ص. خوشي وڌائيندڙ.
نِشانُ؛ ذ (ف) آثار– اهڃاڻ. پَتو– ڏس. نقش– نيو. يادگار. نشاني. اثر. ڇاپ. جهنڊو. نام نڪالو. نشانو– هدف. تمغو. داغ (زخم يا ڦٽ ڦرڙيءَ جو).
نشانات؛ ذ. "نشان" جو جمع.
نشان پتو؛ ذ. پار پتو– ڏس. نام نڪالو.
نِشان دهي؛ ث. پار پتو– ڏس پتو.
نشان ڪرڻ؛ سڃاڻپ لاءِ خاص اهڃاڻ وجهڻ.
نِشانبَرُ؛ ص. ظاهر– پڌرو– نروار.
نِشانو؛ ذ (ف) تير اندازي يا گوليمار جو مقرر نشان (جنهن تي مشق ڪجي)– هدف.
نِشانِي؛ ث (ف) ڪا شيءِ يا ڪنهن ڳالهه جو حوالو جيڪو خاص اهڃاڻ طور ڪنهن ڏي موڪلجي (جيڪو

موڪليندڙ ۽ جنهن ڏانهن موڪلجي انهن ٻنهي کي معلوم هجي). ڪه خاص نشان. ڪو سچائيءَ وارو اهڃاڻ.

نَشتَر، ث (ف) نس ٻڙ وغيره کي چير ڏيڻ جو چاقون.

نَشتر هڻڻ، چير وجهڻ. گهاءُ ڪرڻ.

نَشرُ، ذ (ع) پکيڙ– ڦهلاءُ. مشهوري.

نشر ڪرڻ، پکيڙڻ. چروچڙ ڪرڻ.

نِشِستَ، ث (ف) ويهڪ– بيٺڪ. مجلس. ويهڻ جي جاءِ.

نِشست بَرخاست، ث. اٿ ويهہ. ڪچهريءَ ۾ ويهڻ جو سليقو.

نَشو، ذ (ع) پيدائش. اوسر. قد بت ۾ اضافو– واڌ.

نَشو وَ نُما، ذ. پرورش. اُسرڻ ۽ وڌڻ. ترقي.

نَشو، ذ (ع) سُرور– ڪيف– مستي. خمار– ڪيپ. مدهوشي. جوش. ولولو. امنگ. غرور– تڪبر.

نَشو چڙهڻ، خمار چڙهڻ. نشي جي مستي چڙهڻ.

نَشو ڪرڻ، نشيدار شُيون واپرائڻ.

نَشو لهڻ، خمار لهڻ. هوش ۾ اچڻ.

نَشي باز، ص. گهڻو نشو ڪندڙ. وڏو نشئي.

نَشي بازي، ث. نشو واپرائڻ.

نَشِيبُ، ذ (ف) هيٺاهين. لاهي– لهندي– نمندي. لاهيءَ واري زمين– نوڙ.

نَشيب و فراز، ذ. هيٺاهين مٿاهين. اونچ نيچ. ترقي تنزل. لاهو چاڙهو.

نَشيمَنُ، ذ (ف) آرامگاه. اڪيلائي واري جاءِ. گهر. آکيرو– آشيانو.

نَص، ذ (ع) تحقيق– چنڊڇاڻ. پڌري ڳالهہ. قرآن شريف جي اُها آيت جنهن جو مفهوم چٽو پڌرو هجي.

نِصابُ، ذ (ع) پونجي– مُوڙي. ايترو مال جنهن تي زڪواة واجب الادا هجي. درسي ڪتاب.

نَصاريٰ، ذ (ع) سندن پنهنجي عقيدي موجب عيسيٰ جا پوئلڳ– عيسائي.

نَصَبُ ڪرڻ، کوڙڻ– قائم ڪرڻ.

نَصَبُ العَينُ، ذ (ع) اصل مقصد– ارادو.

نَصرانِي، ذ (ع) عيسائي مذهب جا پوئلڳ– ڪرستان.

نُصرَت، ث (ع) فتح– سوڀَ– جيت. مدد– حمايت.

نِصفُ، ص (ع) اڌ– نيم.

نِصفُ النهار، ذ. اڌ ڏينهن– ٻپهر.

نَصِيبُ، ذ (ع) ڀاڳ– قسمت– مقدر– طالع.

نصيب کُلڻ، ڀاڳ کلڻ– بخت ورڻ.

نَصِيحَتَ، ث (ع) صلاح. نيڪ صلاح. تنبيهہ. هدايت.

نصيحت آموز، ص. نصيحت واري (صلاح).

نصيحت ڏيڻ، سمجهائڻ. نيڪ صلاح ڏيڻ. سزا ڏيڻ.

نُطفو، ذ (ع) ڦُڙو– قطرو. اولاد.

نُطقُ، ذ (ع) ڳالهائڻ جي طاقت– گويائي.

نِظارو، ذ (ع) ڏسڻ– دِيد. ديدبازي. لقاءُ. اهڙا چيز جيڪا ڏسجڻ ۾ اچي.

نظارو ڪرڻ، ديدار ڪرڻ. لقاءُ ڏسڻ.

نِظامُ، ذ (ع) انتظام– بندوبست. سلسلو– ترتيب. طريقو. ڍاهپ.

نِظام شمسي، ذ. سج ۽ ان سان لاڳاپيل گرہ ۽ سَيارا.

نِظامَتَ، ث (ع) انتظامي محڪمو.

نَظَرَ، ث (ع) ڏسڻ– دِيدَ. غور سان ڏسڻ. نگاه. بينائي– بصارت. اک– چشم. جن ڀُوت جو اثر.

نظر اچڻ، ڏيکائي ڏيڻ.

نظر انداز ڪرڻ، توجهہ نہ ڏيڻ. درگذر ڪرڻ. چشم پوشي ڪرڻ.

نظر تي چڙهڻ، پسند اچڻ– وڻڻ.

نظر ڏنبائي، ث. ناظرو ماڻهو کي نظر واپس وٺڻ لاءِ

ڏنل اجورو- صدقو.

نظر ٻوڙائڻ، ڏسڻ. آسپاس ڏسڻ. سرسري ڏسڻ. مٿاڇرو ڏسڻ.

نظر لڳڻ، بدنظر جو اثر ٿيڻ.

نظر ۾ هجڻ، هر وقت اکين اڳيان هجڻ.

نظربَندُ، ذ (ف) اهو قيدي جيڪو جيل ۾ نہ هجي، پر ان کي ڪيڏانهن وڃڻ يا ٻئي سان ملڻ جي اجازت نہ هجي ۽ نگراني هيٺ هجي. قيد- گرفتار.

نظربَندِي، ث. حراست. قيد. جادوگري- چشم بندي.

نظرثاني، ث (ف) ٻيو ڀيرو ڏسڻ. نئين طرح سان جانچڻ ونڻ. دوباره چڪاس.

نظرداري، ث (ف) سنڀال- نگهباني.

نظرَڻُ، م. نظر هڻڻ- هُوسڻ. بدنظر سان ڏسڻ. تڪڻ.

نَظمُ، ذ (ع. نَظم) شعر. ڪلام. سلسلو- ترتيب.

نَظم ونَسَق، ذ. انتظام- بندوبست.

نَظِيرُ، ذ (ع) مثال- تمثيل. چوڻي. حڪايت. نمونو.

نَعتَ، ث (ع) صفت- تعريف- واکاڻ. خاص طور تي نبي سڳوري جي ثنا. مدحيہ نظم.

نَعرو، ذ (ع) زور سان آواز. هڪل. للڪار. لڙائيءَ ۾ سپاهيءَ لاءِ خاص ٻول.

نَعرو هڻڻ، للڪارڻ. هڪل ڪرڻ. دعويٰ ڪرڻ.

نَعشُ، ذ (ع) لاش- مڙدو.

نَعلُ، ذ (ع) جُتي- ڪفش. باربرداري واري وهٽ يا سواريءَ جي جانور کي پيرن ۾ لڳل لوهي حلقو- نالُ.

نَعلبَندُ، ص. وَهٽن کي نال هڻندڙ.

نِعمُ البَدل، ذ (ع) سٺو بدلو- نيڪ معاوضو. نقصان جو عيوض.

نِعمَتَ، ث (ع) خدا جي طرفان مليل عطا- بخشش. عطيو. مال دولت. آسائش.

نِعمت خانو، ذ. ڪاٺ جو ننڍو ڄاريدار ڪٻٽ جنهن ۾ کاڌو رکجي.

نَعُوذُ بِالله، جملو (ع) اسين الله تعاليٰ کان پناه ٿا گهرون. خدا بچائي.

نَغارو، ذ (ع. نقاره) ڀير- نقارو.

نَغارچِي، ص. نغارا وڄائيندڙ.

نَغمو، ذ (ع) سُريلو آواز. مٺي ٻولي. گيت. راڳ. ترانو.

نِفاذ، ذ (ع) حڪم جاري ٿيڻ. فرمان. ڪنهن شيءِ جو ٻيءَ ۾ پيهي وڃڻ. گهڙي وڃڻ.

نِفاسُ، ذ (ع) ٻار ڄڻڻ کان پوءِ عورت جو چاليهن ڏينهن تائين چِلو.

نَفاسَتَ، ث (ع) پاڪائي. صفائي. اجائي اُجرائي.

نِفاقُ، ذ (ع) ڦوٽ- عداوت. ڏُتيڙُ. دشمني. الڳٽ.

نِفاق رکڻ، دل ۾ بغض رکڻ. عداوت رکڻ. ٻيائي رکڻ.

نَفَرُ، ذ (ع) نوڪر- چاڪر- ملازم. هڪ فرد.

نَفرِي، ث. پرائي ملازمت. نوڪري.

نَفرَتَ، ث (ع) ڪراهت- ٻُيان. بيزاري. سُوڳَ.

نفرت ڪرڻ، حقارت جي نظر سان ڏسڻ.

نَفسُ، ذ (ع. نَفَس) ساه- دَمُ- پساه. ذات- هستي. جسم- جان. شخص- ماڻهو.

نَفسِ آمارَه، ذ. اُها خواهش جيڪا انسان کي بَدِي يا غير شرعي ڪمن لاءِ برغلائي. حيواني يا شيطاني خواهش.

نَفس پَرست، ص. عياش. خود غرض.

نِفس ڪُشِي، ث. پنهنجي نفس کي مارڻ. پرهيزگاري.

نَفسا نَفسِي، ث. پنهنجي جِند جو خيال. ذاتي مفاد- خود غرضي.

نَفساني، ص. پنهنجي غرض جو. جسماني.

نَفسانِيتَ، ث. خودغرضي. پاڻ پڏو. غرور. عياشي.

نَفسِي نَفسِي، ث. پنهنجي پنهنجي خود غرضي.

هرڪنهن کي پنهنجي پُڳُتي.

نَفعو: ذ (ع. نفع) فائدو- لاڀ.

نَفعو نقصانُ: ذ. فائدو ۽ گهاٽو. برائي ڀلائي. چڱي مَدي.

نَفقو: ذ (ع) ڪُٽنب جو کاڌو ۽ ڪپڙو لٽو. خرچ پکو.

نَفِلُ: ذ (ع) شڪراني جي نماز. اها نماز جيڪا فرض نہ هجي.

نُفوذ: ذ (ع) ڪنهن قاعدي ۽ قانون جو اِجراء.

نُفوسُ: ذ (ع. نفس جو جمع). ارواح. ماڻهو.

نَفِي: ث (ع) انڪار- نہ.

نَفِي اِثبات: ذ. انڪار ۽ اقرار. ها يا نہ.

نَفِيرُ: ذ. نفيلُ.

نَفِيرِي: ث (ف) هڪ قسم جو ساز- شرناءِ.

نَفِيسُ: ص (ع) عمدو- سٺو. صاف سٿرو. اڇو اُجرو. نازڪ. وڻندڙ.

نَفِيلَ: ث. نفير. سَرهہ جانور جو سِڱُ جيڪو فقير وڄائن. سنڌي- بغل (انگ. بيوگل).

نِقابُ: ذ (ع) برقعي جو مُنهن ڍڪڻ وارو حصو. اکين کان سواءِ سڄو منهن ڍڪڻ جي ڄاري- رُومالي.

نِقاب پوش: ص. مُنهن تي ٻُڌَ ٻڌل.

نِقابو: ذ. عورتن لاءِ نماز ۾ پوتيءَ سان مُنهن ڍَڪَ.

نَقادُ: ص (ع) پرک ڪندڙ. تنقيد ڪندڙ. تصنيف تي چڱايون اوڻايون لکندڙ.

نَقارو: ذ (ع) نغارو. پيرِ.

نقارخانو: ذ. نقارن رکڻ جي جاءِ- نوبت خانو.

نَقاشُ: ص (ع) چِٽَ گُل ڪڍندڙ. پِٽ، شيشي، ڪانِي وغيره تي گلڪاري ڪندڙ هنرمند. ڪمانگر.

نَقاشِي: ث. چِٽ گل ڪڍڻ جو ڪم. ڪمانگري.

نُقاط: ذ (ع) 'نقط' جو جمع. نقطا. خاص اشارا.

نَقالِي: ث. نقل ڪرڻ.

نَقاهَتَ: ث (ع) ڪمزوري- ضعف- هيڻائي.

نَقبُ: ذ (ع) کاٽ. ڀت ۾ سوراخ (چوريءَ جي ارادي سان).

نقب زَن: ص. کاٽ هڻندڙ- کاٽُريو (چور).

نقِب زنِي: ث. کاٽ هڻڻ.

نَقدُ: ذ (ع) روڪڙو.

نَقدِي: ث. روڪڙ. روڪڙي رقم.

نُقرو: ذ (ع) چاندي- سيم. سفيدي تي مائل رنگ جو گهوڙو.

نُقرئِي: ص. چانديءَ جو- چانديءَ جهڙو.

نَقشُ: ذ (ع) تصوير. ڇاپو- ٺپو. گل ٻوٽي يا ول وغيره جي اُڪَر جو ڪم. تعويذ جو خانن وارو خاڪو.

نقش قَدم: ذ. ٻنهي پيرن جو نشان.

نقش قدم تي هلڻ: پيروي ڪرڻ.

نقش نِگار: ذ. گُلن ٻوٽن جي تصوير.

نَقشبندِي: ص (ف) خواجہ بهاء الله جي سلسلي جو مريد يا پوئلڳ.

نَقشو: ذ (ع) خاڪو. شڪل. ڍول- نمونو. حُليو. ڪنهن ملڪ يا دنيا جي جاگرافيائي بيهڪ.

نُقصُ: ذ. (ع) عيبَ- وِڏ. سُقم. ڪوتاهي- خامي.

نقصانُ: ذ (ع) ضرر- هرج- ٽوٽو- گهاٽو- ڇيهو.

نُقصان وجهڻ: زيان ڪرڻ. ٽوٽ وجهڻ. ڪم خراب ڪرڻ. ڇيهو وجهڻ.

نُقصانڪارُ: ص. ڇيهي وارو. ضرر رسائيندڙ. زيان خور.

نُقطو: ذ (ع) ٻُڙي- ٽُبڪو.

نَقُلَ: ذ. کنڊ چڙهيل ٻوهي مڳ.

نَقُلُ: ذ (ع) اُتارو. حڪايت. ٽوٽڪو. اهلَ.

نقل ڪرڻ: اُتارو ڪرڻ. اهل ڪڍڻ. حڪايت بيان ڪرڻ.

نَقُل نويسُ: ذ. منشي. محرر. اُتارو ڪندڙ.

نَقلِي: ص. مصنوعي- هٿرادو. جعلي- ڪُوڙو.

نُقُوش، ذ (ع) "نقش" جو جمع. چِٽَ گُلَ.
نَقِيبُ، ذ (ع) بادشاه يا سردار جي آمد تي بلند آواز سان ان جي حسب نسب ۽ حيثيت جو اعلان ڪندڙ چوبدار. ڍندورو ڏيندڙ.
نَڪُ، ذ. هڪ عضوو (ساهه کڻڻ لاءِ)- بيني.
نَڪ نِرجو، ص. نڪ جو ڏاڍو (جنهن کي لڄ شرم نه تئي). (ث. نَڪ نرجي).
نَڪ ويڄڻ، خوار ٿيڻ بدنام ٿيڻ.
نَڪ وڍڻ، شرمسار ڪرڻ. مهڻا طعنا ڏيڻ. بيعزت ڪرڻ.
نَڪُ وڃڻ، عزت آبرو وارو ڪرڻ (ڪنهن کي). مان شان وارو ڪرڻ.
نُڪاتَ، ذ (ع) "نُڪتہ" جو جمع. ڪنهن مضمون، ڪتاب وغيره جون خاص ڳالهيون.
نِڪاحُ، ذ (ع) شاديءَ جي قبوليت ۽ اقرار واري مذهبي رسم.
نِڪاح نامو، ذ. نڪاح جي لکيت (جنهن ۾ ڪي شرط هجن ته اهي به ڄاڻايل هجن).
نِڪارُ، نِڪارو، ص. بي ڪمو- اجايو- فضول.
نُڪتو، ذ (ع) خاص ڳالهہ. ڪم جي ڳالهہ. سوچ ويچار وارو مسئلو.
نُڪتہ چِينُ، ص. عيب ڪڍندڙ. خاميون ڪڍندڙ.
نُڪتہ چِيني، ث. عيب جوئي.
نُڪتہَ سَنجِي، ث. خوش گفتاري.
نِڪَرڻُ، م. ٻاهر اچڻ. ظاهر ٿيڻ. پيدا ٿيڻ. اُيرڻ. اُڀرڻ- ڦُٽڻ (ٻوٽو وڻ وغيره). خارج ٿيڻ- نيڪال ٿيڻ. وهڻ (رت، پاڻي). جاري ٿيڻ.
نِڪري وڃڻ، ڀڄي وڃڻ. فرار ٿيڻ. جلدي ۾ هليو وڃڻ.
نِڪَلُ، ذ (انگ) هڪ قسم جو ڌاتو (جنهن مان سِڪا ٺهن).
نِڪَمو، ص. بيڪار. فضول- اجايو. خراب. ڪنهن به ڪم ۾ نه ايندڙ. (ث. نِڪمي).
نِڪَتو، ظ. رڳو- فقط- سڄوئي. اڪيلو. نِسورو. (ث. نِڪَتِي).
نَڪو، ذ. نکُ.
نَڪو ڏيڻ، مُنهن اٽڪائڻ. واتورجڻ.
نِڪورُ، ص. نئون- اڻ واپرايل.
نِڪُونجهہُ، ذ. اوڙاهہ- عميق- اونهون پاڻي.
نَڪِهيرَ، ث. (نڪ+ سير) ڪنهن ڌڪ سبب نڪ مان وهندڙ رت- ناڪيلي.
نَڪِيرُ، ذ (ع) قبر ۾ مِري ويل کان پڇا ڪندڙ هڪ ملائڪ.
نَکَ، ث. ڍگهو ۽ وڏو تڏو. پيڙهي- ڪتب- پُري.
نَکَتُ، ذ (سن. نکشتر) چنڊ جي منزل وارا تارن جا ميڙ (جهڙن ڪُوهہ، شينهن، ڪٽ وغيره).
نِکٽُو، ص. جيڪو ڪٽي ڪمائي نه پر ويهي کائي.
نِکِرڻُ، م. نڪرڻ. پکڙڻ. ڇڙوڇڙ ٿيڻ. الڳ ٿيڻ. ظاهر ٿيڻ. چمڪڻ (چنڊ تارا).
نِکمٺو، ص. نڪمو. نکٽو.
نِکيٽي، ث. شاديءَ جي هڪ رسم (جنهن ۾ ڪنوار کي وداع ڪرڻ وقت گهوٽ جي لونگي ۽ ڪنوار جي چُني جو پلاند ڳنڍي ڪنوار کي ساهرالي گهر ڏانهن روانو ڪيو ويندو آهي).
نِکيڙڻُ، م. جدا ڪرڻ- الڳ ڪرڻ. نبيرو ڪرڻ. موڪلائڻ. روانو ڪرڻ.
نِگارُ، ذ (ف) نقش- چِٽ. تصوير.
نِگارخانو، ذ. جنهن جاءِ ۾ تصويرون رکيل هجن.
نِگارستانُ، ذ. نگارخانو.
نِگارِش، ث (ف) تحرير- لکڻي. تصوير.
نِگاهَ، ث (ف) نظر- بصارت- بينائي. نِرت. نِگراني- حفاظت- سنڀال.

نِگاه رکڻ؛ اک رکڻ. نظرداري ڪرڻ.

نِگرانُ؛ ص (ف) نظرداري ڪندڙ. سنڀال ڪندڙ.

نِگرانِي؛ ث. سنڀال- نظرداري.

نِگرو؛ ص. جنهن جو گـُر پيز نـ هجي. جنهن مان چڱائي نہ ٿئي. چندبو. مُوذي. (ث. نِگري).

نِگهَہ؛ ث (ف) نگاه- نظر.

نِگهبانُ؛ ص. سنڀاليندڙ.

نگهباني؛ ث. سنڀال- نظرداري.

نگهداري؛ ث. نگهباني.

نگهداشت؛ ث. نظرداري- سنڀال.

نَگهَتَ؛ ث (ف) خوشبوءِ- سُرهاڻ- سڳند.

نَگِينو؛ ذ (ف) ٻُڙو- ٽِڪو (هيري، موتي يا پٿر جو)- ٽڪ. هِيرو.

نِگهُوسارُ؛ ظ (ف. نگون) اونڌو. جُهڪيل. اونڌو لٽڪيل. اوڙاهہ ۾ پيل- غرق.

نِگڻُ؛ م. نِڪرڻ- اُيرڻ. اُپجڻ. پيدا ٿيڻ. نروار ٿيڻ.

نَلُ؛ ذ. لوهي نڙو جيڪو گهرن ۾ پاڻي پهچائڻ ۾ ڪم اچي- نَلِي. نلڪو.

نِلائِي؛ ث. گهٽائي- اوڻائي. عيب جوئي. گِلا.

نلڪو؛ ذ. نَلُ. ننڍو نل.

نِلو؛ ص. رڳو- فقط. جدا- ڌار.

نَلِي؛ ث. لوهي نڙاندي- پائيپ. نڙاندي.

نَمُ؛ ذ (ف) آلاڻ. رطوبت. (ص) آلو- پُسيل.

نِمَ (ث)، نِمُ؛ ذ. هڪ قسم جو مشهور وڻ.

نِما؛ ص (ف. نَما) ظاهر ڪندڙ- ڏيکاريندڙ (مرڪب لفظن ۾ صفاتي پڇاڙي طور ڪم ايندڙ؛ قطب نما وغيره).

نِمازَ؛ ث (ف) مسلمانن جي عبادت. صوم صلوات. عبادت.

نِمازِي؛ ص. عبادت گذار. نماز جو پابند.

نِما شامَ؛ ث. وچين ۽ مغرب نماز جي وچ وارو وقت. سج لٿي واري مهل.

نِمالو؛ ص. غريب- مسڪين. عاجز. ويچارو. مايوس.

نَمالائي؛ ث. نهٺائي- نئڙت. عجز.

نِماءُ؛ ذ (ف) ڏيک- نظارو- لقاءُ. تماشو. نمائش. پڌرائي.

نِمائِشَ؛ ث (ف) ڏيکاءُ. نظارو. لقاءُ.

نِمائِشِي؛ ص. ڏيکاءُ طور. رڳو ڏيک. عارضي.

نِمائِندَہ؛ ص (ف) ڏيکاريندڙ. اهو شخص جيڪو ڪنهن جماعت جي طرفان حاڪم وٽ عرض ڪري. اخبار جو عيوضي.

نَمائِڻُ، نِمائِڻُ؛ م. جُهڪائڻ- لاڙڻ- هيٺ ڪرڻ. ليٽائڻ. مطيع ڪرڻ.

نِمايان؛ ظ (ف) ظاهر- پڌرو- کُليو- چٽو.

نَمبَرُ؛ ذ (انگ) عدد- انگ. ڳُڻپ. وارو- سلسلو. پوک لاءِ ماپ ڪيل ايراضي.

نمبر شمارِي؛ ث. زمين جي سروي نمبر جي پڙتال. آباد زمين جو تفصيل.

نَمدو؛ ذ (ف) اوني ٿلهو ڪپڙو. نود جو تَهہ.

نِمَرتا؛ ث. نهٺائي- نئڙت.

نِمَرو؛ ص. چڱو ڀلو- تندرست- چاقُ.

نَمسَڪارَ؛ ث (سن) سلام. جهڪي سلام ڪرڻ.

نِمَڪُ؛ ذ (ف) لُوڻ.

نِمڪ پاشِي؛ ث. لوڻ ٻُرڪڻ.

نِمڪ حَرامُ؛ ص. بي شڪرو. دغاباز. مالڪ سان غداري ڪندڙ.

نَمِڪ حلالُ؛ ص. احسانمند- شڪرگذار. مالڪ جو خيرخواه.

نِمڪ دانُ؛ ذ. لوڻ رکڻ جي شيشي وغيره.

نَمناڪُ؛ ص (ف) پُسيل- آلو- ڀِنل.

نَمَندِي؛ ث. لاهي. گهرائي. جهولَ. هيٺاهين. نوڙ.

نَمَڻُ؛ م. جُهڪڻ. نوڙڻ. تعظيم خاطر جهُڪڻ. جهُڪي سلام ڪرڻ. مطيع ٿيڻ. مائل ٿيڻ.

نَمُو؛ ذ (ع) اوسر. واڌ.

نَمُودار؛ ص (ف) پڌرو- عيان. ظاهر.

نمودار ٿيڻ؛ ظاهر ٿيڻ. پڌرو ٿيڻ.

نِمُورِي؛ ث. نم جي وڻ جو ٻج.

نَمُونو؛ ذ (ف) اها چيز جيڪا ڏيکارڻ واسطي آڻجي. نقشو. قالب. ٻول. جنس.

نَمُونو ڪرڻ؛ اتڪل ڪرڻ- حرفت ڪرڻ- ٺڳ ڪرڻ.

نَمُونِيا؛ ث (انگ) ڦِڦڙ لڳي پوڻ جي بيماري.

نَمِي؛ ث (ف) آلاڻ. پاڻيٺ. رطوبت.

نہ نہ؛ ظ. هرگز نہ- ڪڏهن بہ نہ.

نِندا؛ ث. ندا- گِلا. بهتان. هَجَو. بُرائي.

نِندَڻُ؛ م. الزام هڻڻ. گلا ڪرڻ. ڇُٽ ڪرڻ. ڇُٽ ڦٽ ڪرڻ.

نِنڊِ؛ ث. ذخيرو- خزانو. ان جو ڪرو. سمنڊ. اهو ماڻهو جنهن ۾ گهڻيون خوبيون هجن. تونڙ- ڇيهہ- آخر- پڇاڙي.

نِنڊڪُ؛ ص. گلاخور. منحوس. ڪِنَ جهڙو. ڇنڊو.

نِنڊَ، نِنڊرَ؛ ث. سمهڻ جو عمل. ڳهر. نَومَ. گينوار. بي خبري.

نِنڊ حرام ڪرڻ؛ سمهڻ نہ ڏيڻ. نہ سمهڻ.

نِنڊاکِڙو؛ ص. ننڊ جو خواهشمند- ڳهريل. ننڊ جي خمار وارو.

نَنڍَ؛ ث. ننڍي هئڻ جي حالت- ننڍائي.

نَنڍَپڻ؛ ذ. ننڍي عمر- طفلي- ڪمسني.

نَنڍِڙو؛ ص. تمام ننڍو. ٻارڙو. (ث. ننڍڙي).

نَنڍو؛ ص. ڇوٽو- خُرد. ڪوتاهہ. گهٽ. (ث. ننڍي).

نَنڍو نينڍو؛ ص. ننڍي عمر جو جوان. (ث. ننڍي نينڍي).

نَنڍو وڏو؛ ص. هر ماڻهو- عام ماڻهو.

نَنگُ؛ ذ (ف) لحاظ- مرم. شرم- حيا. غيرت. لڄ. مُنڍيءَ ۾ جڙڻ لاءِ ٻڙو- ٽِڪو. ڳڻپ ۾ آيل اسمن جو تعداد (هڪ ننگ، ٻہ ننگ، پنج ننگ).

ننگ اُجارڻ؛ مٽن مائٽن جو راڄ ڀاڳ ۾ مُنهن مٽي ڪرڻ. ننگ وڙ ڪري سرخرو ٿيڻ.

ننگ پالُ؛ ص. عزت رکندڙ. سار سنڀال لهندڙ.

نَنگرُ؛ ذ (سن. نگر) شهر. خيرات جي ماني.

نَنگرو؛ ذ. ماڪوڙين يا ماڪوڙن جو ٻرڙ. ماڪوڙين مکڙن جي قطار.

نَنگِرِي؛ ث. ننڍو شهر. ڳوٺ. بستي- وسنءَ.

نَنگو؛ ص. اگهاڙو- عريان- برهنہ. بيحيا- بي شرم. (ث. ننگي).

ننگو ڪرڻ؛ اگهاڙو ڪرڻ. خوار ڪرڻ.

نَنگِي؛ ص. لڄ رکندڙ. ننگ وڙ وارو. غيرتمند. وڙ ڪندڙ.

نِنگهرَ؛ ث. انُ جڙڻ لاءِ زمين ۾ نهيل اکري.

نِنگهُوسارُ؛ ص. اوڙاهہ ۾ غرق. گم-غرق- ٻڏي ويل.

نَنهَن، نُنهَن؛ ذ. آڱرين جون سخت ڪل واريون چوٽيون (هٿن پيرن جا ننهن). جانور جي چنبي جا تکا ننهن.

نُنهَن ڳرِ؛ ث. نُنهن پچي پوڻ سبب نُنهن اُکڙڻ.

نُنهن لاهڻ؛ هٿن پيرن جا وڌيل نُنهن ڪترڻ.

نُنهن اٽڪڻ؛ واسطو پوڻ. پلاند اٽڪڻ.

نُنهَن؛ ث. پٽ جي زال.

نُهَنڊ؛ ث. نُنهن جي رهڙ- رُهنڊ.

نُنهَنڊَڻُ؛ م. نُنهن سان رهڙون پائڻ.

نُنهن سوسڙو؛ ص. ٿورو ڪوسو- پورو پنو.

نِڻانَ؛ ث. مڙس جي ڀيڻ.

نَوَ، ص. هڪ عدد (٩).
نَو، نَوُ، ص (ف) نئون. جديد. تازو.
نَو آبادي، ث. نئون وسايل ملڪ.
نَو آموزُ، ص (ف) سيکڙاٽ. جنهن تازو ڪم سکيو هجي. ناتجربيڪار.
نَوا، ث (ف) آواز– صدا. سُر. نغمو.
نَوابُ، ذ (ع) ڪنهن شهر يا علائقي جو حاڪم– سردار.
نَوابي، ث. حاڪمي. اميري.
نَواحَ، ذ (ع) آسپاس جو علائقو. طرف– پاسو.
نَوادِرَ، نَوادِرات، ذ (ع) عجيب غريب شيون. عجائبات. انوکيون شيون.
نَوارَ، نَوارُ، نَهوارَ، ث. کٽ واڻڻ لاءِ سُٽ جو اُڻيل پٽو.
نَوارُو، ذ. جنگي بحري جهازن جو آرماڙ.
نِوارُو، ذ. هڪ تارو جيڪو پريات جو اُڀري (ٻه تارا آهن جيڪي هڪ ٻئي پويان اُڀرن).
نَوازَ، ص (ف) نوازيندڙ– نوازش ڪندڙ. مرڪب لفظن ۾ صفاتي پڇاڙيءَ طور ڪم ايندڙ (سرفراز، غريب نواز وغيره).
نَوازِشَ، ث (ف) مهرباني– عنايت– ڪرم. سخاوت. ٻاجهه.
نوازش ڪرڻ، عنايت ڪرڻ. مهرباني ڪرڻ. سخاوت ڪرڻ.
نوازش نامو، ذ. وڏي ماڻهو جو پنهنجي برابريءَ واري کي خط.
نوازَڻُ، م (ف) نوازش ڪرڻ. مهرباني ڪرڻ. عزت ڏيڻ. انعام اڪرام ڏيڻ.
نَواسيرُ، ذ (ع) "ناسُور" جو جمع. اهو زخم جيڪو نه ڇُٽي.
نَوافِلَ، ذ (ع) "نفل" جو جمع.
نِوالو، ذ (ف) گِراهه– لقمو.
نَواڻِ، ث. نئين هئڻ جي حالت– نئين شيءِ يا نئين ڳالهه. جدت.
نِواڻِ، ث. هيٺاهين– جَهڪاڻِ– نشيب. نمندي.
نِوائِڻُ، م. نمائڻ– جُهڪائڻ. هيٺ ڪرڻ. لاڙڻ. مطيع ڪرڻ.
نِوارِي، ث. اڪيلائي– علحدگي. ماحول يا فضا ۾ سانت. چُپ چاپ– خاموشي. ماٺ.
نَوبَتَ، ث (ع) وارو– موقعو. دور. وقت– عرصو. نغارو. نغاري جو واڄو. پهري ڏيڻ جو وارو.
نوبت اچڻ، وارو اچڻ. ڪنهن ڪم جو وقت اچڻ.
نوبت خانو، ذ. نغارا رکڻ يا وڄائڻ جي جاءِ.
نوبت کي پهچڻ، حالت کي رسڻ. حالت ٿيڻ.
نوبت وڄائڻ، (پير يا نغاري جو) وارو وڄائڻ. نغارا وڄائڻ. دور يا دورو وڄائڻ.
نَوبتَو، ص (ف) چڱو ڀلو– خوش باش. تندرست. تازو توانو. نئين طرح. نئون نڪور.
نوٽُ، ذ (انگ) سرڪار طرفان جاري ڪيلُ مهر وارو ڪاغذ (جيڪو نالي طور استعمال ٿئي). يادداشت. وضاحت. لکپڙهه ۾ تشريح.
نوٽ ڪرڻ، يادداشت لکڻ. خاص ڌيان ۾ رکڻ.
نوٽبوڪُ، ذ (انگ) ڪاپي. بياض.
نَوٽِڻِ، نَوٽِڻي، ث. نون ڳوٺن (سارين) سان رهڻ واري راند.
نوٽِيسُ، ذ (انگ) ڪنهن به ڳالهه جي چتاءُ ڏيڻ جو ڪاغذ.
نَوجُوانُ، ص. (ف) نئون ساماڻل. نوخيز. ڳڀرو.
نُوچَڻُ، ذ. ڏهائي وقت ڇوڪرائي جي ٽنگن کي ٻڌڻ جو رسو– ڀنگ.
نُوچَ، ث. هڪ هند اکين کپائڻ جي حالت– نِرت.
نُوچ ڪرڻ، اکين تي زور ڏيئي ڏسڻ– نرت ڪرڻ.
نَوچي، ث. بدپيشي ويٺل عورت (جيڪا ڪنهن رنڊي

وٽ وينل هجي).

نُوحُ؛ ذ (ع) حضرت نوح نبي عليہ السلام.

نوحَہ؛ ذ (ع) روڄ- گريو- زاري. ماتم.

نوحہ خواني؛ ث. ماتمداري. مري ويل جون خوبيون بيان ڪري رئاڙڻ.

نَوخيز؛ ص (ف) نئون چاول. نئون أپريل. نئون سامايل.

نَودُ؛ ذ (ف) هڪ قسم جو ٿلهو اوني ڪپڙو (جيڪو پٽ تي وڇائڻ يا گهوڙي جي زين هيٺان رکڻ جي ڪم اچي). لتاڙ يا مار جو ٿاڦو. نٺر- ضدي.

نورُ؛ ذ. هڪ قسم جو ساهوارو (جيڪو نانگ بلا کي بہ ماري ڇڏي).

نُورُ؛ ذ (ع) روشني. تجلي. سُهائو. چمڪو. جلوو. اکين جي نِرت- جوت.

نُورِالهيٰ؛ ذ. خدا جو نور.

نُوراني؛ ص. روشن. چمڪندڙ. مُنوَر.

نُور نچوئڻ؛ نظر جو پورهيو ڪرڻ. اکين کي ايذائي ڪم ڪرڻ.

نُورجَهان؛ ث. دنيا جو نور. مشهور مغل راڻي مهرالنساء.

نُورچَشم؛ ذ. اکين جو نور. پُٽ. اولاد.

نُورٌ عَليٰ نُورٌ؛ ذ. نُور تي نُور. سڀ کان بهتر.

نَورَتن؛ ذ. نون قسمن جا هيرا يا رتن. اڪبر بادشاه جا نَوَ وزير.

نورو؛ ذ. ڪپڙي جي ڏگهي ٿيلهي جنهن ۾ رپيا وجهي چيلهہ سان ٻڌي ڇڏجن.

نُورو؛ ذ. پيرن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهہ- پازيب. جهانجهر.

نُوري؛ ث. "سُر ڪاموڏ" جو هڪ مکيہ ڪردار.

نوريٽو؛ ذ. هڪ قسم جو ننڍڙو ساهوارو- ڳالهڙ.

نوڙُ؛ ذ. ٿلهو وٽيل رسو- واجهہ.

نِوڙائڻ؛ م. جهڪائڻ. هيٺ ڪرڻ (ڪند).

نِوڙَت؛ ث. هيٺاهين- نياز- حليمائي- نهٺائي. نيازمندي.

نِوڙَڻُ؛ م. جهڪڻ- ڪُبو ٿيڻ. مطيع ٿيڻ. نمڻ.

نوڙي؛ ث. واڻ جي وٽيل رسي.

نُوسِ نُوسِ؛ ث. نوسڻ واري حالت. ڪنهن شيءِ جي ڳولا ۾ جهوتون هڻڻ. هيڏانهن هوڏانهن نهار.

نُوس نُوس ڪرڻ؛ در در ڀٽڪڻ. ناسُون هڻڻ. ڳولا ڪرڻ.

نوشُ؛ ص (ف) پِيَڻ. پيئڻ جهڙي شيءِ. پياڪ- پيندڙ.

نوش جانِ؛ ص. آهو وڻندڙ مشروب جيڪو وري وري پيئجي.

نوش جان ڪرڻ؛ کائڻ پيئڻ.

نوشادَرُ؛ ذ (ف) هڪ قسم جو پسارڪو وکر.

نَوشِت؛ ث (ف) تحرير - لکيت.

نَوِشتو؛ ذ (ف) تحرير- لکيت.

نَوشِتو؛ ذ (ف) لکيل- تحرير ڪيل. لکيو. خط.

نَوِشتہ تقدير؛ ذ. قسمت جو لکيو. خدا جي مرضي.

نوشِداروُ؛ ص (ف) ترياق- زهر مهرو.

نَوشَهہ؛ ذ (ف) تازو پرڻيل گهوٽ- وَنو.

نَوشيروان؛ ذ. ايران جو هڪ آڳاٽو عادل بادشاه.

نَوعُ؛ ذ (ع) قِسم- جنس. ڍنگ- طريقو. نمونو.

نوعِ اِنسان؛ ذ. بني آدم- آدم ذات.

نَو عُمِر؛ ص (ف) نابالغ- ڪمسن. بلوغت کي ويجهو.

نَوڪَ؛ ث (ف) چهنب- اڻي.

نَوڪدارُ؛ ص. چهنبيارو.

نَوڪَرُ؛ ذ (ف) ملازم. چاڪر. خدمتگار. نوڪري ڪندڙ.

نوڪر چاڪر؛ ذ. ملازم- خدمتگار.

نَوڪَر شاهي؛ ث. ملازمن يا حڪومت جي ڪارندن جي آپي شاهي.

نَوڪِري؛ ث (ف) ملازمت. چاڪري. خدمت. ڊيوٽي.

نوڪري ڏيڻ، ملازمت ڪرڻ. سونپيل فرض ادا ڪرڻ.

نوڪرياڻي، ث. خادمہ- ملازمہ- ٻانهي.

نَوَلُ، ص. نئون. تازو. سيڪڙاٽ- نَولو.

نُولُ، ذ. ٻيڙي يا جهاز (عوراب) جو ڀاڙو. محصول.

نَو لکو، ص. نَو لکَ ناڻي مُلهہ جو هارُ.

نَولو، ص. نوجوان- سهڻو جوان. نَوَن ڏاڻن وارو ڏاس جو پٽو. (ث. نَولي).

نَومُ، ث (ع) ننڊ. آرام. گهَر.

نَومبرُ، ذ (انگ) عيسوي سال جو يارهون مهينو.

نُونُ، ذ (ع) نَڪَ مان آواز جو اُچار.

نُونارُ، ث. ساموندي لوڻ جي کاڻ.

نُوناري، ص. لوڻ ناهيندڙ. سمنڊ جي کاري پاڻيءَ مان لوڻ ناهيندڙ.

نُوتَرُ، ذ. دِڳ- ڪوڙ- ڍير. انبار.

نَونهالُ، ص (ف) نوخَيز- ٻار. ننڍڙو ٻار.

نوڻُ، ث. هيٺاهين- جهمَر- لَهندِي- نشيب.

نِوَڻُ، م. نمڻ- جُهڪَڻ.

نوٽي، ص. نئون مريد. پهريون ڀيرو زيارت تي ويندڙ.

نَويدُ، ث (ف) خوشخبري- بشارت. شاديءَ جو سڏ.

نَويسُ، ص (ف) لکندڙ (جئن مضمون نويس، اخبار نويس).

نِويڪلائي، ث. اڪيلائي. تنهائي- علحدگي. واندڪائي- فرصت.

نِويڪلو، ص. اڪيلو- تنها. خلاصو- ڌار- جدا. (ث. نويڪلي).

نويلي، ث. نئين نَويلي ڪنوار.

نَهارُ، ذ (ف) ڏينهن- روز- يوم.

نِهارَ، ث. نظر- نرت. جانچ. سنڀال. نظرداري.

نِهارَ ڪرڻ، جانچ ڪرڻ- سنڀال ڪرڻ. نظرداري ڪرڻ.

نِهارَڻُ، م. ڏسڻ. نظر وجهڻ. نظرداري ڪرڻ.

اک ۾ رکڻ.

نِهالُ، ص (ف) خوش- شاد. سرهو- مسرور. راضي.

نهال ڪرڻ، خوش ڪرڻ. مالا مال ڪرڻ.

نِهالُ، ذ (ف) ٻوٽو. ٽڏو (وڻ جو).

نِهانُ، ص (ف) لڪل- پوشيدو- ڳجهو.

نِهاڻي، ث. ڪنير جي ٿانون پچائڻ جي ڪُوري- آوي. بدن جو اندريون پوشيدو عضوو- مثانو.

نِهايَتَ، ث (ع) حد- انتها. ڇيهہ. (ظ) بيحد- بي انتها.

نِهٽو، ص. هٿين ٺلهو. هٿين خالي. جنهن جي هٿ ۾ ڪوبہ هٿيار نہ هجي.

نِهٽائي، ث. نياز نَنڙت- هيٺاهين- نيازمندي- عاجزي- حليمائي.

نِهَٽو، ص. جنهن کي هٺ يا غرور نہ هجي. حليم- بردبار. (ث. نهٽي).

نَهجُ، ذ (ع) طور- طريقو. ڍنگ. رستو- گس.

نَهَرُ، ث (ع) قدرتي وهڪرو- ڦاٽ. نئن. وڏو واهہ.

نَهَري، ص. نهر واري. نهر تي آباد ٿيندڙ.

نَهَري زمين، ث. واهن تي آباد ٿيندڙ زمين.

نِهرڻ، نهَيرڻ، ث. هٿن پيرن جي ننهن لاهڻ جو اوزار.

نَهَرو. نِهرو، ص. جيڪو اندران خالي يا پورو نہ هجي. ڏاڍي ڳپ وارو. سخت. پينو (ضد. پورو). (ث. نهري).

نَهڪارُ. نَهڪَرُ، ث. انڪار- ناڪار.

نَهلو، ذ. ڏاس ۾ نون ڏاڻن وارو پٽو.

نُهَندُ، ث. ننهن جي رهند- رهڙ.

نُهَندو، ذ. نُهند- رُهندو- رهڙ.

نِهو، ذ. ٻُن- نسل. اصل بنياد. ننگ- شرم. لحاظ. ناتو. سڱ.

نِهو نِهارڻ، اصل بن بنياد ڏسڻ. لحاظ رکڻ.

تهوَر، ث. اها زمين جيڪا اڳ آباد نہ ٿي هجي. نئين ڪنواري زمين.

تهوڙڻُ م. نابود ڪرڻ- ناس ڪرڻ. غرق ڪرڻ. نپوڙڻ. ولي وجڻ (بيماري).

تهوڙي نيڻ، مارڻ- فنا ڪرڻ.

تَهي، ث (ع) روڪ- منع.

تَهيرو، ذ. مانڌائيءَ جي جَهلَ لاءِ مُني.

نئڙت، ث. نوڙت.

نئڙڻ، م. نوڙڻ.

نَئِن، ث. برساتي نهر.

نَئون، ص. (ف. نَو) تازو- جديد- تهدر. نِڪور. انوکو- نرالو. اڻ ڄاڻ. اجنبي- غير واقف. سيکڙات.

نئون پُرالو، ص. جيڪو موجود هجي. جيڪا شيءِ في الحال ملي وڃي.

نئون راڳُ، ذ. تازو معاملو. تازو تڪرار. نئون فتنو.

نئون عهدنامو، ذ. انجيل ('توريت' کي پرالو عهدنامو چوندا آهن).

نئون نِڪور، ص. بلڪل نئون- تهدر نئون.

نئين سجُ، ظ. هرڪنهن ڏينهن- هرروز.

نئين سِر، ظ. شروع کان. نئين نموني.

نَئِين، ص. تازي. جديد. ڪوري.

نئين ڳالهہ، ث. عجيب ڳالهہ. انوکي ايجاد.

نَي، ث (ف) ڪاني. نڙ. نڙاندي. بنسري.

نِيابَتَ، ث (ع) نائبي. اڳوائي.

نِياتَ، ث. قبيلو- گهرالو. ڪٽنب. نک. قوم. پاٿيچاري- برادري.

نِياپو، ذ. پيغام- سَنيهو.

نِيارو، ص. نرالو- انوکو. مختلف. جدا- الڳ. (ث. نياري).

نِيازُ ذ (ف) عرض- گذارش. خواهش- اميد. منت. عاجزي. ملاقات. فاتحہ درود. نذر.

نياز ڪرڻ، ڪنهن ولي يا امام جي نالي تي خيرات ڪرڻ.

نيازمَندُ ص (ف) مطيع. فرمانبردار. حاجتمند.

نيازمندي، ث. فرمانبرداري. هٿ جوڙ. دعا سلام. خدمت گذاري.

نيازنامو، ذ. گذارش- درخواست- لکيت ۾ عرض.

نيامَ، ث (ف) تلوار جي مياڻ- ڪپَ.

نياڻُ ذ. ننڍو تلاءُ. مال ۽ ماڻهن جي پيئڻ لاءِ تلاءُ.

نيالو، ذ. نائي- حجام.

نيالي، ث. ڌيءَ. ڇوڪري- ڪنيا.

نياءُ، ذ (سن) انصاف- عدل- داد. فيصلو- نبيرو.

نيباهو، ذ. گذر بسر. نباهہ. توڙ تائين نباهڻ.

نيبهُ ذ. توڙ نباهڻ واري رسم- حاصل. مُباح. جيهہُ. وفا.

نِيَتَ، ث (ع) ارادو- قصد. مرضي- خواهش. نماز روزي وغيره جي نيت واري دعا.

نِيَت ڪرڻ، ارادو ڪرڻ.

نيت، نيتي، ث (سن) طور طريقو. چال. هلي چلي- رسم رواج.

نِيَتڻُ م. نيت ڪرڻ- ارادو ڪرڻ.

نيٽُ ذ. چم جو رسو (اُٺ کي ٻڌڻ يا کوهہ مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ). (انگ) هڪ قسم جي وڻ جي ڪاٺي. نيٽ جو سنهون لچڪدار لڪڻ- بيدُ.

نيٽو، ذ. مانڌائيءَ ۾ پيل چم جي وڏي (جنهن سان مانڌائي ڦري).

نيٺُ ظ. آخر- نڌان- آخرڪار- پڇاڙيءَ ۾.

نيپاڄُ ذ. نپايل- وڌو ڪيل- پرورش ڪيل.

نِيچُ، ص. ڪميڻو- رذيل. ادني. خسيس. هيٺ.
نِيچپائي، ث. ڪميڻپ- رذالت.
نِيَچَ، ذ. گهيڙ. وهڪرو. نديءَ جي شاخ.
نَيرُ، ذ (ع) سج- سورج.
نِيرُ، ذ (سن) پاڻي- جل- جَر. هڪ قسم جو ٻُوٽو (جنهن مان ڪارو رنگ ٺهي). ڪارو رنگ. نِيل- گُلي.
نِيَرُ، نِيڙُ، ذ. زنجير- سنگهر. ڏاوڻ.
نيراڻِ، ث. نيرن- ناشتو.
نيرانو، ص. بنان ڪاڌي- بکيو- لنگهڻو. (ث. نيراني).
نِيراڻِ، ث. نير جو رنگ. نيري رنگ جو اثر.
نيرَڻ، ث. صبح جي ماني- ناشتو.
نيرَنگُ، ذ (ف) شعبدو. جادو ٽوڻو. فريب. خيال- وهم. ڪو نئون خيال.
نيرَنگِي، ث. جادوگري. فريب. عجائبات. طلسمات. انقلاب.
نِيرو، ص (ف) نِيلو- آسماني. ڀُورو يا خاڪي رنگ جو گهوڙو. (ث. نِيري).
نِيروٽي، نِيرولي، ص. ڪپڙن کي نِير جو رنگ ڏيندڙ- کهنباٽي.
نيڙ، ث. نَهر- واهه.
نيڙو، ظ. ويجهو- قريب- نزديڪ. (ث. نيڙي).
نِيز، حرف جملو (ف) پڻ- ۽. ساڻ- گڏ.
نيزا، ذ. 'چلغوزي' وڻ جو ٻُرُ. چلغوزا.
نيزارِي، ث (ف) منت- آزي- التجا. وينتي- عاجزي.
نيزو، ذ (ف) هڪ قسم جو هٿيار. ڊگهي بانس ۾ لوهي ڦر- ڀالو. جهنڊو- علم.
نيزي بَردار، ص. جهنڊو کڻي هلندڙ. نيزو کڻي جنگ ۾ وڙهندڙ.
نيسارو، ذ. ڇت تان پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ نارو.
نِيست، ص (ف) خالي. نابود. عدم- فنا.

نيست ونابُود، ص. تباه برباد. فنا. ويران. اُجاڙ.
نِيستِي، ث (ف) عدم وجود. نابودي. مفلسي- تنگدستي. تباهي.
نيسَرَ، ث. نار يا هُرلي ۾ پاڻيءَ جي وچ ۾ رکيل لوهي يا ڪاٺ جي .. . هن ۾ لوٽن جو پاڻي ڪري.
نيشُ، ذ (ف) وڇون يا ڏينڀو جو ڏنگ. مِرون جو ڏند. جانور (اُٺ وغيره) جي ڏاٺ. جوان اُٺ. وڏيءَ عمر وارو اٺن ورهين جو اُٺ. نشتر. هلڪو زخم.
نيش زَني، ث. ڏنگ هڻڻ. طعني زني. ڏاڙهڻ.
نِيشانُ، ذ (ف) نشان. هدف- آچار. علامت. داغ.
نِيشانِي، ث. نشاني. اهڃاڻ- علامت.
نَيشَڪر، ذ (ف) ڪمانڊ.
نيڦو، ذ. اُبداٿو.
نيڪُ، ص (ف) سٺو- عمدو. پاڪ- پاڪيزو. پارسا- پرهيزگار. شريف. سعيد- سڀاڳو. ديندار. خداترس.
نيڪ بخت، ص. سڀاڳو- سعادتمند.
نيڪ بَد، ص. بُرو ڀلو. چڱو مدو.
نيڪ خِصال، نيڪ خصلَت، ص. سُلڇڻو. ڀلو ماڻهو.
نيڪ دِل، ص. ڀلارو.
نيڪ فال، ث. سٺو سوڻ.
نيڪ مَرد، ص. ڀلو ماڻهو. ڀلو انسان. پرهيزگار خير جا ڪم ڪندڙ.
نيڪنام، ذ. سٺو نالي وارو. ڀلي جا ڪم ڪندڙ.
نيڪ نامِي، ث. ناموس- ناماچار. مشهوري.
نيڪ نِيَتِ، ص. خيرخواه. نيڪ صلاح ڏيندڙ. صاف دل. جنهن جي دل ۾ دغا يا مڪاري نه هجي.
نيڪ نيتي، ث. گهڻگهرائي.
نيڪالُ، ذ. ٻاهر ڪڍڻ- اخراج. وڪرو. نڪرڻ جو هنڌ.

نيڪال ڪرڻ: ٻاهر ڪڍڻ. خارج ڪرڻ. ڌڪرو ڪرڻ.
نيڪالي: ث. اخراج. ٻاهر ڪڍڻ. بي دخلي. ملازمت مان ڪڍڻ.
نيڪوڪار: ص. نيڪيءَ جا ڪم ڪندڙ.
نيڪي: ث (ف) ڀلائي- چڱائي. بهتري. احسان. خير جو ڪم. پرهيزگاري. تعريف- ساراهه.
نيڪي بَدي: ث. چڱائي مٺائي. برائي ڀلائي.
نيڪي ڪرڻ: ڀلائي ڪرڻ- احسان ڪرڻ. چڱائي ڪرڻ.
نيڪامُ: ذ. ٻنيءَ يا ٻارن ۾ پاڻيءَ وهائڻ جو هنڌ- آواندو.
نيڪيٽي: ث. نِڪيٽي- وداع (ڪنوار کي).
نِيلُ: ذ (سن. نِيل) نِير جو وڻ يا ٻُوٽو. نِيرَ جي ڦوڪ. جسم تي لڪڻ وغيره ڏڪ جو ڪارو يا نيرو نشان- ٻَنو. مصر جو مشهور درياءُ. هڪ سؤ ڪَرَبَ (تعداد).
نِيلَ ٿيڻ: جسم تي نيرا يا ڪارا ٻَنا ٿيڻ.
نِيلامُ: ذ. واڪ ڏيئي مُلهه ڪٽڻ. اعلانيه وڪرو.
نِيلام گهَرُ: ذ. اها جاءِ جتي نيلام ذريعي وڪرو يا خريداري جو ڪاروبار ٿئي.
نِيلامي: ص. نيلام جو- نيلام وارو. رواجي. اڌ مُوڙيءَ ۾ ورتل.
نِيلگون: ص (ف) نِيلو- نيرو- آسماني.
نِيلَمُ: ذ (ف) هڪ قسم جو قيمتي جواهر.
نِيلو: ص. نيلي رنگ جو- نيرو- آسماني. (ث. نِيلي).
نِيلوفر: ذ (ف) ڪَنوَل- ڪنول جو گل.
نيمُ: ذ (سن) دستور- طريقو. رسم. وقت- ٽيت.
نِيمُ: ذ (ف) ٿورو. وچ- درميان. اڌ.
نِيم بِسمِل: ص. اڌ مئو. گهايل- مجروح.
نِيم پُختہ: ص. اڌ پڪل- اڌ پَڪو.
نِيم جان: ص. اڌ مُئو.
نِيم حَڪيمُ: ذ. ٿوري طبابت ڄاڻندڙ.
نِيم خوابي: ث. ننڊاڪڙائي. اڌ ننڊ.
نِيم شَب: ث. اڌ رات.
نِيم قطر: ذ. اڌ قطر (يعني مرڪز کان وٺي گهيري تائين مفاصلو).
نِيم گرم: ص. ٿُڌُن سوسڙو. تازو (پاڻي).
نِيمچو: ذ (ف) هڪ قسم جو هٿيار (ننڍي تلوار)- وڏو خنجر.
نَيڻُ: ذ (سن) اک- چشم- نيڻُ.
نِينڊَ: ث. ڪوٺ- سَڏُ- دعوت- ڪانڊ.
نينڊَ ڏيڻ: سڏ ڏيڻ- دعوت ڏيڻ- ڪوٺ ڏيڻ.
نِينگرُ، نينگرو: ذ. ڇوڪرو. ٻَٽَ. ٻارُ.
نِينگرِ، نِينگرِي: ث. ڇوڪري. ڌِيءَ. ٻارڙي.
نِينهُ، نِينهُن: ذ (سن. نيه) محبت. پيار. عشق. لَئُون.
نيڻُ: ذ (سن. نَيَن) اک- چشم. نظر.
نيڻَ نِچوئڻ: اکيون اگهڻ. لڙڪ وهائڻ. نُوچَ جو ڪم ڪرڻ (ٻرت ٻرڻ يا لکڻ پڙهڻ).
نِيَڻُ: م. کڻي وڃڻ. وٺي وڃڻ. ساڻ ڪري وڃڻ.
نِيوَ: ث. پيڙهه- بنياد.
نيوالو: ذ (ف) نوالو- گِرنهه.
نِيُوز: ث (انگ) خبر.
نِيهَ: ث. بنياد- پيڙهه.
نيهه رکڻ: پيڙهه رکڻ- بنياد رکڻ.
نِيهُ، نِيهُن: ذ. نِينهُ- پريت- لئون. عشق.
نِيهان: ث. آرهڙ واري سخت تپش. آرهڙ.
نيهو: ذ. ٻُڻ- بنياد- اصل. محبت. عشق.
نيهي: ذ. مُنيءَ سان لاڳيتو ڳاهه ۾ وهندڙ ڏاند. (ص) عاشق.
نِيڙُ: ذ. نِيرُ- زنجيرُ.

ڻ

ڻ؛ ذ. (اُچار ’ڻُون‘) ”سنڌي الف- بي“ جو انيتاليهون اکر. سنڌي حروف تهجي جي ستن خاص آوازن مان هڪ اُچار جيڪو عربي، فارسي ۽ آريائي ٻولين ۾ ڪونهي.

و

و؛ ذ (ع) (اُچار ’واءُ‘) ”سنڌي الف- بي“ جو اوڻونجهاهون اکر. عربي جو ڇويهون ۽ فارسي جو ٽيهون اکر. ابجد موجب عدد (٦).

وَ؛ حرف جملو (ف) ۽ سان- گڏ.

وا؛ ص (ف) کليل- ويڪرو- ڪشادو.

وا ڪرڻ؛ کولڻ- ظاهر ڪرڻ. ڪشادو ڪرڻ.

وابِستہ: ص (ف) تعلق رکندڙ- لاڳاپيل. ڳنڍيل.

وابِستگي؛ ث (ف) تعلق- ڳانڍاپو.

واٽُ؛ ذ. .ڏندن ۽ زبان وارو خال جتي کاڌو چباڙجي پيٽ ۾ ڳيهجي ۽ جتان پاڻي وغيره پئجي- مڪ.

واتان؛ ظ. وات مان- مڪ مان.

وات پرڻ؛ ڍئو ڪرائڻ. لب يا رشوت ڏيئي مات ڪرائڻ.

وات تي آڻڻ؛ زبان تي آڻڻ. اظهار ڪرڻ. بيان ڪرڻ.

وات پاڻي ٿيڻ؛ رُوح رِسڪڻ. کائڻ يا حاصل ڪرڻ جي خواهش ٿيڻ. لالچ ٿيڻ.

وات پَٽيو؛ ص. مُوڳو. واتڙو.

وات خرچ ٿيڻ؛ زباني چوڻ چائڻ سان ڪم ٿيڻ.

وات سُڪي وڃڻ؛ ڊپ يا اُڃ کان وات خشڪ ٿيڻ.

وات ڦاٽڻ؛ عجب ۾ پوڻ. حيران ٿيڻ.

وات ڦاٽوڙو؛ ص. گهڻو ڳالهائيندڙ. سيڪجهہ چئي ڏيندڙ.

وات کولڻ؛ زبان سان اظهار ڪرڻ.

وات وِٽارڻ؛ وات خراب ڪرڻ. اجايو سجايو کاڌو کائڻ.

وات هڻڻ؛ اجايو ڳالهائڻ. اڻنگو ڳالهائڻ. بڪ ڪرڻ.

واتراڏو؛ ص. وات ڪندڙ- گهڻو ڳالهائيندڙ. بَڪ ڪندڙ. (ث. واتراڏي).

وات ڳاڙهو؛ ص. اڻ آزمودگار. نئون ساماڻل. جنهن کي اڃان وڏي تندي سان ڳالهائڻ جي ساڃاهہ نہ هجي.

وات وَڪيل؛ ص. خودمختار. عاقل بالغ. پاڻ ڳالهائيندڙ.

واتورجڻ؛ م. وات ڪرڻ. اڻنگو ڳالهائڻ. زباني تڪرار ڪرڻ.

واٽَ؛ ث. گس- رستو- سڙڪ. پيچرو. راهہ- طريقو. لنگهہ. رواج.

واٽ پڇڻ: گس پڇڻ. ڏس پڇڻ.
واٽ ڏسڻ: راهه ڏسڻ- انتظار ڪرڻ. واجهائڻ.
واٽ ڏيکارڻ: رستو ڏسڻ. سنئين راهه ڏيکارڻ. طريقو ڏيکارڻ.
واٽ لائڻ: گس لائڻ. رستو بڻائڻ. سونهون ڪرڻ.
واٽ نهارڻ: انتظار ڪرڻ.
واٽ وٺڻ: رستو وٺڻ. پيروي ڪرڻ. عمل ڪرڻ.
واٽ ويندي: ظ. رستي هلندي. هرويرو- خواهه مخواهه. بنان سبب.
واٽائتو: ص. گس سان- رستي سان. طريقي سان.
واٽر: ذ (انگ 'واٽر ڪورس') پاڻي. شاخ مان نڪتل واهي.
واٽڻ: م. ورڇڻ- ورهائڻ- ونڊڻ.
واٽو. واٽنو: ذ. حصو- ڀاڱو- ٻخرو- پتي. ٽڪرو. ورڇ ۾ مليل حصو.
واٿو: ذ. ڀيس ڪوٽ راند ۾ لاڳيتا ست هٿ کٽڻ.
واٿهڙو: ص. واٽ ويندڙ- مسافر.
واثق: ص (ع) پڪو- مضبوط. مستحڪم. مستقل.
واپار: ذ (سن. وياپار) سوداگري. سودو- وڻج. تجارت. ڏنڌو- ڪرت. ڪاروبار- ڏيتي ليتي.
واپاري: ص. سوداگر- تاجر. مال جو واپار ڪندڙ.
واپرائڻ: م. استعمال ڪرڻ- ڪم ۾ آڻڻ (ڪائڻ. هنڊائڻ).
واپس: ظ (ف) پنيان موٽ. موٽ ڪائڻ. پنيان- پوٺتي- موٽي- وري.
واپس اچڻ: موٽي اچڻ. وري اچڻ.
واپس ڪرڻ: موٽائڻ. موٽائي ڏيڻ. پنتي ورائڻ.
واپسي: ث. موٽ. مراجعت.
واجب: ص (ع) ضروري- لازمي. مناسب- لائق. درست. فقه موجب اهو ڪم جيڪو ڪنهن عذر ڪان سواءِ ڇڏبو ته عذاب ٿيندو.
واجبُ القتل: ص. قتل ڪرڻ جوڳو.
واجبات: ذ (ع) "واجب" جو جمع. ضروري ڪم. فرائض. ادا ٿيڻ جوڳا ماهوار پگهار. قرض وغيره.
واجبي: ص. ضروري- لازمي. درست- بجا. ٿدري مناسب.
واڄٽ: ذ. سازن جو وڏو آواز. واڄي جو آواز- واڄو.
واڄٽ وڄائڻ: متيون منجهائڻ. حيران ڪرڻ. جس کٽڻ.
واڄو: ذ. وڄائڻ جو ساز. ڪنهن ڌاتوءَ يا ساز وغيره جو آواز.
واجهه: ذ. وڏو ٿلهو رسو. ڪاٻار جو رسو.
واجهه وجهڻ: حيلا ڪرڻ. ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.
واجهائڻ: م. جهاتيون پائڻ. انتظار ڪرڻ. ڪوشش ڪرڻ. هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ.
واڃائي: ث. واڃئي" جو مونث.
واچ: ث. تيز هوا جو چوهو- جهڪَ. (انگ) وقت ڏيکارڻ لاءِ ننڍي گهڙي.
واچ ميڪرُ: ص (انگ) واچون ٺاهيندڙ- گهڙي ساز.
واچا: ث (سن) گفتگو. ڳالهه. واعدو- وچن. ٻوهي- قسم.
واچڻ: م. ڏسڻ- جانچڻ. نهارڻ. پڙهڻ.
واچوڙو: ذ. تيز گهمري وارو واءُ. گرم هوا جو ڦرندڙ چوهو (جيڪو لاٽ يا طوفان ڪري مٽي چڙهي، ۽ پاڻ سان چڪر ۾ مٽي، ڪک وغيره کڻي)- گردباد.
واڇ: ث. وات جي اُها جاءِ جتي ٻنهي چپن جي ڪُنڊ نهي- ڳلاڦ.
واڇون ٽڙڻ: خوشيءَ يا حيرت مان کلڻ سبب واڇون کُلي پوڻ.
واڇان: ص. بيحد بيوقوف. بلڪل ناسمجهه.

واحِدُ: ص (ع) هڪ. اڪيلو- تنها. انوکو. خداتعاليٰ جو صفاتي نالو.

وادِي: ث (ف) ٻهاڙن يا ٽلن جي وچ واري هيٺاهين زمين- ماٿري.

واڌ، واڌِ: ث. واڌارو- اضافو. گهٽائي. وڌڻ (اوسر).

واڌارو: ذ. گهٽائي. واڌ. نفعو- فائدو. ترقي.

واڌاري: ظ. وڌيڪ- زيادہ- گهڻو.

واڌائو: ذ. مبارڪبادي. وهانءَ جي رسم.

واڌائِي: ث. ٻار ڄمڻ جي مبارڪ. مبارڪباد. خوشخبري.

واڌايُون: ث. مبارڪون.

واڌُو: ص. وڌيڪ- زيادہ. بچت. گڏ- شامل. حساب ۾ جوڙ جي نشاني.

واڏڪُ: ذ. ڪاٺائين دروازي جي طاق کي پٺيان جهل ۽ مضبوطيءَ لاءِ ڪاٺي.

واڏڻ: ث. کٽ جي پيرانديءَ طرف کٽ ڇڪڻ جي رسي- تانگهه.

واڍُ: ذ. رسو- نوڙ. واڄهه.

واڍو: ذ. ڪاٺ وڍيندڙ. ڪاٺ جو ڪم ڪندڙ ڪاريگر- ڊکڻ.

واڍوڙجڻ: م. ڦٽجڻ- گهائجڻ.

واڍوڙڻُ: م. زخمي ڪرڻ (ترار سان). گهائڻ. ڦٽڻ.

واڍوڙيَلُ: ص. گهايل- زخمي- ڦٽيل.

واڍولو: ذ. کٽ جي پيراندي واري پاسي واڏڻ وجهڻ لاءِ واڻ جي ٽندن جي جهلَ. ٻانهن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه.

وارُ: ذ. حملو- چوٽ- جُلهه. وارو. داءُ. موقعو- وجهه. ڏينهن- تِٿ. مُو- رونگٽو. زلف.

وارَ ڇُوٽائڻ: مٿي ڏاڙهي وغيره مان اڇا وار ڪڍائڻ.

وارَ ڪيڙون: ذ. هڪ قسم جي بيماري (جنهن ۾ انسان جي جسم مان وار جهڙو ڌاڳو نڪرندو آهي. عموما ٿر ۾ هيءَ بيماري ٿئي).

وارُ ڪرڻ: حملو ڪرڻ- الر ڪرڻ.

وارَ وڄائڻ: نيائيءَ جو سڳ ڏيڻ. آجيان ڪرڻ.

وارُ ونگو نہ ٿيڻ: ڪوبہ نقصان نہ رسڻ.

وارِتا: ث (سن) قصو- ڪهاڻي. واقعو.

وارِڙيو: ص. واري تي ايندڙ. مسلسل- لاڳيتو (ڏڪ، وارو). واري تي ڪٽي ملهه ڏسيندڙ.

وارِثُ: ذ (ع) فوتيءَ جي ڇڏيل مال جو حقدار- ميراث جو حقدار. ڌڻي ڌوڻي. مالڪ- سنڀاليندڙ.

وارِثِي: ث. ملڪيت جو حق. وراثت.

وارِدُ: ص (ع) وُرود ڪندڙ- ايندڙ- پهچندڙ.

وارِد ٿيڻ: اچڻ. نازل ٿيڻ. پهچڻ- سهڙڻ.

وارِداتِ: ث (ع) حادثو. سانحو. واقعو. ڏوهہ جو واقعو (چوري، قتل وغيره).

واردات ڪرڻ: ڏوهہ ڪرڻ- جرم ڪرڻ.

وارڊُ: ذ (انگ) ميونسپل جو هڪ حصو (جنهن مان هڪڙو ميمبر چونڊجي).

وارَفتگِي: ث (ف) بي خودي. عشق. لٽُون.

وارَفتہ: ذ (ف) بيخود. عاشق.

وارَنٽُ: ذ (انگ) گرفتاريءَ جو حڪم نامو.

وارنٽ ڪڍڻ: گرفتاري جو حڪم جاري ڪرڻ. حاضر ڪرڻ جو حڪم جاري ڪرڻ.

وارنشَ: ث (انگ) روغن. اهو تيل يا مصالحو جيڪو ڪاٺ وغيره تي چمڪ پيدا ڪري.

وارَڻُ: م. وراڻڻ- موٽائڻ. روڪڻ- جهلڻ (جانورن کي). مٿان وجهڻ. وسائڻ. پاڻ تي هموار ڪرڻ. صدقو ڪرڻ- گهورڻ. رد ڪرڻ.

وارو: ذ. گهمرو- ڦيرو- ڦيرو- دفعو. موقعو- وقت.

نوبت. وجهہ- داءُ. فائدو. تپ جو وارو. پاڻيءَ جو وارو.

وارابندي، ث. واهن جي پاڻيءَ جي واري سان ورهاست.

وارا جمارا، ذ. ڪڏهن ڪهڙو وقت تہ ڪڏهن ڪهڙو وقت. لاها چاڙها.

وارو ورائڻ، ڀاڱ پڙائڻ.

وارو وار، ظ. وري وري- ڦيري سان. لاڳيتو.

وارو وڪي، ث. هڪ ٻئي سان واري سان مدد.

وارو وڄائڻ، ڏاڪو ڄمائڻ. دبدبي سان دور گذارڻ.

وارو ورڻ، قسمت کُلڻ- ڀاڱ پڙائڻ. فائدو ٿيڻ.

واري جو تپ، ذ. هڪ نہ ٻئي ڏينهن ايندڙ بخار.

واري سان، ظ. گهمري سان- ڦيري سان. پنهنجي وقت سان. سلسلي سان. هڪ ٻئي پٺيان- نمبروار.

واري، ث. اڇي ريتي- ريگ.

وارياسو. وارياسي، ث. واريءَ واري زمين- ڊُسڙ.

واري وسائڻ، جهنگ منهن ڪرڻ. واويلا ڪرڻ. ويراڳ وٺڻ.

واڙ، ث. لوڙهو- ڍنگهرن جي آڏ. اها ايراضي جنهن جي چوڌاري لوڙهو آيل هجي (رڍون ٻڪريون واڙي ڇڏجن).

واڙو، ذ. رهڻ جي جاءِ. شهر جو اهو حصو جتي ساڳي قوم جا ماڻهو رهندا هجن (جئن ڪنيار واڙو وغيره). پاڙو- محلو (جئن چاڪي واڙو. نانڪ واڙو). ويڙهو. مينهن ڍڳين جو وٿاڻ.

واڙڻُ، م. هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ (چوپايو مال). واڙي ۾ بند ڪرڻ. لوڙهي ۾ بند ڪرڻ.

واڙي، ث. ننڍو باغيچو- ڦُلواڙي. ٻڪر ڀاڄين جي پوک. گدرن ڇانهين جي پوک واري ايراضي.

واڙي پيلائڻ، مفت ۾ ڏيڻ. سَج ڪرڻ. سيڪجهہ ڏيئي ڇڏڻ.

واسُ، ذ. بُوءِ- بانس. سنگهڻ جو عمل. خوشبوءِ- سڳنڌ.

واس وٺڻ، خوشبوءِ وٺڻ. مزو وٺڻ- چَکڻ وٺڻ.

واساما، ذ. ساراهہ.

واس ڌوپُ، ذ. اگر يا لوبان وغيره جو خوشبودار دونهون.

واسِجَڻُ، م. واس اچڻ. سرهاڻ ٿيڻ. هٻڪار ٿيڻ.

واسِرو، ذ. ڪليل فضا وارو هنڌ. واڪي جاءِ. ڪنهن وچڙندڙ مرض جي ڦڪيڙ.

واسطو، ذ (ع) وچ وارو وسيلو. لاڳاپو- تعلق. ذريعو.

واسطو رکڻ، تعلق رکڻ.

واسطي، ظ (ع) لاءِ- خاطر- ڪاڻ- ڪارڻ. جي ڪري.

واسطيدارُ، ص. لاڳاپيل- تعلق وارو.

واسڪوٽُ، ذ (انگ) ننڍو ڪوٽ. صدري.

واسڪوٽي، ث. صدري.

واسلِي، ث. هڪ قسم جو ساز- بانسري.

واسَڻُ، م. خوشبوءِ ڪرڻ- سُرهاڻ ڪرڻ. سُرهو ڪرڻ. هُٻڪار ڪرڻ. واسُ ڏيڻ. واس ڌوپ ڪرڻ.

واسو، ذ. بينڪ- ٽڪاڻو. حلول. جسم ۾ جن ڀوت جو اثر.

واسو ڪرڻ، بينڪ ڪرڻ. جسم ۾ جن ڀوت جو اثر ٿيڻ.

واسينگُ، ذ. ڪارو نانگ- ڪاريهر.

واسِي، ص. رهندڙ- ساڪن.

واصِلُ، ص (ع) مليل. وصول ڪيل. جمع ڪيل. محبوب جو وصال حاصل ڪيل.

واصِفُ، ص (ع) تعريف ڪندڙ. مشهور غزل گو شاعر محمد بخش "واصف".

واضحُ، ص (ع) ڪليل- ظاهر- پڌرو. صاف لکيل.

واضح ڪرڻ، ظاهر ڪرڻ- چٽو ڪرڻ. تفصيل سان بيان ڪرڻ.

واعدو، ذ (ع) انجام- قول- وچن- سخن.

واعدو ڪرڻ: قول ڪرڻ- انجام ڪرڻ.
واعدي خلافي: ث. عهد شڪني. بي وفائي. انجام جي برخلافي.
واعظ: ص (ع) وعظ ڪندڙ. نصيحت ڪندڙ.
وافر: ص (ع) زياده- گهڻو. جام. ريل ڇيل.
واقڻ: م. اجايا بيهودا لفظ ڳالهائڻ- داڦڻ. بڪ ڪرڻ.
واقع: ص (ع) ٿيڻ وارو. پيش ايندڙ. قائم- برپا.
واقع نويس: ص. خبر لکندڙ. خبرون لکندڙ. وقائع نگار.
واقعات: ذ (ع) "واقع" جو جمع. حادثا- واقعا.
واقعو: ذ (ع) حادثو- واردات. ڏوهہ.
واقعي: ظ. سچ پچ- درحقيقت.
واقف: ص (ع) ڄاڻ سڃاڻ- شناسا. آگاهہ. خبردار. حال ياتي.
واقفڪار: ص. ڄاڻ سڃاڻ. ڄاڻو. تجربيڪار- آزمودگار.
واقفڪاري: ث. ڄاڻ سڃاڻ- شناسائي.
واقفيت: ث. ڄاڻ سڃاڻ- شناسائي. آگاهي. مهارت- تجربو.
واڪ: ذ (سن) وڏي سڏ گفتو. پول.
واڪ ڏيڻ: پول ڏيڻ. نيلام ۾ بولي ڏيڻ.
واڪڙ واڪڙ: ث. تکو هلڻ- هلڻ ۾ تيزي- جلدائي سان وک کڻڻ. تيز هلڻ جو هڪ نمونو.
واڪو: ذ. وڏي آواز سان دانهن ڪُوڪ يا رڙ. وڏي آواز سان سڏ.
واڪو واڪاءُ: ث. دانهن ڪوڪ- رڙو رڙ. سڏوسڏ. وڏي سڏ دانهون.
واڪيڪدو وڃڻ: واهہ وانگر تکو تيز وڃڻ.
واکاڻ: ث. ساراهہ- تعريف. ناموس- هاڪ- مشهوري. تحسين.
واکاڻڻ: م. ساراهہ ڪرڻ- تعريف ڪرڻ. واهہ واهہ ڪرڻ.

واگذار: ص (ف) ڇڏي ڏيڻ. قبضو ڇڏڻ.
واگذار ڪرڻ: قبضو ڇڏڻ. آزاد ڪرڻ.
واگذاشت: ث (ف) ڇڏي ڏيڻ. رهائي. آزادي.
واڳ: ث. لغام- عنان- راس. گهوڙي جي پوٿ ۾ پڌل نوڙي جنهن جا ڇيڙا سُوار هٿ ۾ جهلي.
واڳ جهلڻ: گهوڙي جو لغام جهلڻ. پناهہ يا مدد طلب ڪرڻ. فرياد ڏيڻ.
واڳ ڏورَ: ث. اها رسي جيڪا گهوڙي جي ڳچيءَ ۾ پڌل هوندي آهي ۽ ٻيو ڇيڙو سوار هٿ ۾ جهلي گهوڙي کي هلائي.
واڳ ڍري ڪرڻ: اجازت ڏيڻ (ڪنهن ڪم جي). پابندي کان آجو ڪرڻ.
واڳون ورائڻ: موٽڻ- موٽي اچڻ. پوئتي ورڻ.
واڳجڻ: م. واڳ سان ٻڌجڻ. ڳنڍجڻ (دوستي يا ماتي ۾).
واڳڻ: م. واڳ ڏيڻ. سلهاڙڻ.
واڳيل: ص. سلهاڙيل. ڪم ۾ شامل. رُڌل- مشغول. ڳنڍيل- ڳنڍيل. ڦاٿل.
واڳو، واڳون: ذ. دريائي پاڻيءَ جو مشهور جانور.
واگهہ: ذ. شينهن جو هڪ قسم.
واگهو: ذ. واڳون.
واگهوڙي: ذ. باگڙي قوم.
واڱڻ: ذ. هڪ قسم جو ٻوٽو ۽ ان جو ڦر (جيڪو ڀاڄي طور ڪم اچي).
واڱڻائي: ص. واڱڻ جهڙو (رنگ).
وال: ذ. مفاصلي ماپڻ جي هڪ ماپ- گز (ٽي فوٽ).
والا: ص (ف) اوچو- بلند- بالا.
والاجاهہ، والاشان: ذ. وڏي شان وارو. بلند مرتبي وارو.
والاڙ: ث. قبضو. هٿ وسيڪي. مالڪي.

والاڙڻ: م. هٿ ۾ آڻڻ- قبضو ڪرڻ. اگ ۾ روڪي جهلڻ.

والِدُ: ذ (ع) پيءُ- آبو.

والِدَه: ث. ماءُ- اما.

والدَين: ذ (ع) ماءُ پيءُ- اما ابو.

والو: ذ. ڪڻڪ ۾ پاڻيءَ جو هڪ ڳهه- وڏو والو.

والِي: ث. ننڍو والو- ڪيوٽي.

وَالله اَعلَمُ: جملو (ع) خدا ڄاڻي- خدا کي خبر.

والِي: ص (ع) مالڪ- ڌڻي. حاڪم. بادشاهه. دوست. مددگار- حمايتي. سنڀاليندڙ. خداتعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

والِي وارِثُ: ذ. ڌڻي ڌوڙي- مالڪ. سرپرست.

وامُ: ذ. سمنڊ يا درياءَ جي پاڻيءَ جي اونهائي ڪڇڻ جي هڪ ماپ- پُرهه.

وانُ، واڻُ: ص (ف. بان) وارو. مرڪب لفظن ۾ ايندڙ صفاتي پڇاڙي (جئن دروان، ڪوچوان، ڏنوان وغيره).

وانڱڻُ: م. ونڊڻ- ورهائڻ- ورڇڻ.

وانٽو: ذ. ڀاڱو- حصو- پتي. ورڇ مان مليل حصو.

وانجَڻُ: مِ. محروم ڪرڻ- سکڻو ڪرڻ- پالهو ڪرڻ. جدا ڪرڻ- ڌار ڪرڻ.

وانجهو: ص. سکڻو- ٺلهو- پالهو. ڇڙوڇانڊ. اڪيلو- ڌار. (ث. وانجهي).

وَانجِهي: ث. درين يا ٻارين راند ۾ وچ وارو حصو جنهن ۾ مک ڌوڙي بيهي. (ص) ٻارين راند ۾ ونجهه ۾ بيٺل اڳواڻ. ٻيڙيءَ جو ونجهه هلائيندڙ.

وانچَڻُ: م. پڙهڻ- مطالعو ڪرڻ- واچڻ.

واندڪائِي، واندائِي: ث. واندائي- فرصت (ڪم ڪار کان)- فراغت. نويڪلائي.

واندو: ص. آجو- آزاد. فارغ (ڪم ڪار کان). نڪمو- بي فائدو. جنهن کي ڪو ڌنڌو ڌاڙي نه هجي. (ث. واندي).

وانڍِ: ث. وڏي لانڍي- وڏو چنو. ڀڪن ٽوڻن مان ٺهيل وڏي لانڍي. چوپائي مال جي چاڻهه لاءِ اڏيل لانڍي.

وانڍُ: ص. ڇڙوڇانڊ. اڻ پرڻيل. رنڙ (مرد). (ث. وانڍِ، وانڍي).

وانگُر: ظ. وانگيان- طرح- هوبهو.

وانگوڙو: ذ. وڏن وارن کي ويڙهي ٻڌي ڇڏڻ. جُهوڙو. وڏن ويڙهيل وارن جو چوٽو جيڪو ويڙهي ڇڏجي.

وانگِي: ص. جنهن سان ماڻهو قرابت يا پنهنجائي جو ناتو هجي (ونگ وراڪو هجي). پيارن جو قاصد- پانڌي. واهرو.

وانگي لاٽون: ذ. هڪ قسم جو لاٽون جيڪو تکو آواز ڪري ڦري.

وانهيرو: ذ. واهيرو. سج لٿي بعد پکين جي ويهڻ جي جاءِ- واهيرو.

واهه: ث. گهٽ اونهائي وارو ۽ ويڪرو کوهه (جنهن ۾ پاڻي گهڻو ٿئي).

وانٽو: ذ. جهنڊو- بيرق.

وانٽِي: ث. جهنڊي- ڌڄا. ننڍي جهنڊي.

واڻُ: ذ. مُڃَ يا ڦيش جي وٽيل تند- نوڙي. کٽ مڙهڻ لاءِ ڦيش يا مُڃَ جو واڻ. وڏو ساموندي ٻيڙو.

واڻائِڻُ: م. کٽ وغيره واڻ سان مڙهائڻ.

واڻِڪو: ص. واڻين جو، واڻين وارو.

واڻڻُ: م. واڻ سان مڙهڻ. ڳنڍڻ. ڳنڍي ملائڻ. واڍڪي اصطلاح ۾ در يا دريءَ جا طاق ٺاهي پڄائڻ.

واڻِي: ث (سن) ٻاڻي. بيان.

واڻِيا: ذ. وڻج واپار ڪندڙ هندو هٽ واڻيا.

واڻيو: ص. هندو. هندو دڪاندار. مهتو. (ص) ڪنجوس.

وائِيو وَڪال؛ ذ. هندو ۽ وائيو. عام ماڻهو.
واويلا؛ ث (ع) هاءِ گهوڙا- هاءِ هاءِ. روڄ راڙو. فرياد- دانهن ڪوڪ. پٽڪو.
واويلا ڪرڻ؛ هاءِ گهوڙا ڪرڻ. ماتم ڪرڻ. آهه زاري ڪرڻ. هُل فساد ڪرڻ.
واه!؛ ندا (ف) آفرين- شاباس. مرحبا. (ث) تعريف- ساراهه جو لفظ.
واه واه!؛ ندا (ف) گهڻي شاباس.
واه واه ڪرڻ؛ تعريف ڪرڻ- آفرين چوڻ.
واهَه؛ ث. گهٽي. بچاءَ جي راهه.
واهُون ڳولڻ؛ راهون ڳولڻ. بچاءَ جون ڪوشش ڪرڻ.
واهُه؛ ذ. پاڻيءَ جي هٿراڌو کوٽيل نهر- شاخ.
واهَت؛ ث. سنڀال- نگهباني- رکوالي.
واهَپ؛ ث. واهپو- استعمال.
واهِپو؛ ذ. هڪ ٻئي سان اچ وڃ جو قاعدو- راهه رسم. استعمال. ڪاپو.
واهَر؛ ث. مدد- حمايت- همراهي. ڏِڍ- پرچهلو.
واهَر ٿيڻ؛ پنيرائي ڪرڻ. ٻانهن ٻيلي ٿيڻ. ٻيلپ ڪرڻ.
واهَرَ پلڻ؛ مال جي چوريءَ ۾ پويان ايندڙ پاڳين سان وڙهي کين پوئتي هٽائڻ.
واهر وسيلو؛ ذ. حامي ۽ پرچهلو.
واهَرو؛ ص. همراهه- ٻيلي. مددگار. ساٿي. واهر پليندڙ.
واهُڙ؛ ذ. واهه- ڪڙيو. ننڍو وهڪرو.
واهُڙ وهائڻ؛ احسان ڪرڻ. تمام گهڻي سخاوت ڪرڻ.
واهُلو، واهولو؛ ذ. ڪاٺيءَ کي ڇل ڏيڻ لاءِ واڍڪي ڪم جو هڪ اوزار.
واهَمو؛ ذ (ع) انسان جي سوچ ويچار جي هڪ ڪيفيت (جنهن ۾ ڏٺل ان ڏٺل صورتون ۽ حالات اڳيان اچن). گمان- ڀرم.

واهِڻ؛ م. وهائڻ.
واهَڻ؛ ذ. بستي- وسندي- وَسِين. ننڍو ڳوٺڙو.
واهڻائِي؛ ص. ڳوٺائو- دهقاني.
واهو؛ ذ. هڪ قسم جي وَلِ (جيڪا اُٺ ٻڪريون کائين). هڪ قسم جو پسارڪو وکر.
واهو پيارڻ؛ دوکو ڪرڻ. هلاک ڪرڻ. عقوبت ڪرڻ. ويساهه گهاتي ڪرڻ.
واهُو؛ ص. رستي تان لنگهندڙ. پانڌي- واٽهڙو.
واهُو ٿيڻ؛ روانو ٿيڻ. تڪڙو تڪڙو وڃڻ. ڀڄي وڃڻ. غائب ٿيڻ.
واهُوندو، واهُندو؛ ذ. اونهاري جي مند جي شروع ۾ لڳندڙ اولهه ڏکڻ ڪنڊ جي هوا (جنهن ۾ واهن ۾ پاڻي اچي، هوا ۾ تبديل ٿئي).
واهِي؛ ص. پوک جي سنڀال ڪندڙ- راکو.
واهِي؛ ث. پاڻيءَ جي ننڍي شاخ- ڪَسِي.
واهِيات؛ ص' (ع) بيهودو- اڍنگو.
واهِيَت؛ ث. پوک جي رکوالي- چارپو.
واهيرو؛ ذ. پکين جو سج لٿي آکيري ۾ وهڻ جو وقت.
واهيرو ڪرڻ؛ سنجها مهل آکيري ۾ اچڻ. رات گذارڻ جو ٺِيهو ٺاهڻ.
واءُ؛ ذ. هوا- باد. بادِي- ريح. وڏائي- غرور. چوپائي مال جي هڪ بيماري.
واءُ لڳڻ؛ هوا جو اثر ٿيڻ. ماحول يا هلي چلي جو اثر ٿيڻ.
واءُ مِينهن ڪرڻ؛ جلدائي ڪرڻ. تڪڙ ڪرڻ. تيزيءَ سان اچڻ.
واڦَٽ؛ ث. ڳولا- سُڌس. تلاش.
واڦَٽڻ؛ م. ووڙ ڏيڻ. ڳولا ڦولا ڪرڻ.
واڦَڙ؛ ث. انَ مان ٺهه ۽ ڪَڻ کي جدا ڪرڻ لاءِ ڳاڳڙي

سان هوا ۾ چنڊڻ.
واٽرڻُ؛ م. واءُ ۾ اچلڻ- هوا ۾ اُڏائڻ. اناج کي ٻُهه يا تهن کان جدا ڪرڻ لاءِ هوا ۾ چنڊڻ.
واٽرو؛ ذ. اک ۾ پٽري يا مٽي پوڻ سبب ٿيل زخم.
واٽڙو؛ ص. موڳو. حيران- پريشان. (ث. واٽڙي)
واٽڙو ٿي وڃڻ؛ حيران ٿيڻ- پريشان ٿيڻ.
واٽسَرُ؛ ذ (انگ) مشين جو پرزو.
واٽسر ڦرڻ؛ حوصلا ڦرڻ. هوش گم ٿيڻ.
واٽسرو؛ ذ. واءُ جي تبديل. ڇڙوايو. پانٽترو.
واڪَ؛ ث. هوا. ٻاهرين فضا جتي هوا لڳندي هجي.
واڪائي؛ ث. واڪَ. کليل هوا. تازي هوا. هوا وارو هنڌ. خلاصگائي- ڪشادگي. فرصت.
واڪو؛ ص. هوادار. کُليو. خلاصو. ڪشادو (ميدان، گهر) (ث. واڪي).
واڪو ڪرڻ؛ واءُ ۾ رکڻ. کُليو رکڻ (جئن هوا لڳي). پڌرو ڪرڻ.
واڪلُ، واڪلو؛ ذ (انگ) هڪ قسم جو سنهون ريشمي ڪپڙو.
واءِ وِسڪرُ؛ ظ. ٽڙيل پکڙيل. ڇڙوڇڙ. برباد.
واءِ واءِ؛ ندا (ع) هاءِ هاءِ- هاءِ گهوڙا.
وائي؛ ث. ڳالهه. آواز. پچار. سنڌي شاعريءَ جي هڪ آڳاٽي صنف (ڪافي). سنڌن ۾ سُور پوڻ جو مرض.
وائي سُورُ؛ ذ. سنڌن ۾ هوا پرجڻ سبب ٿيندڙ سُور.
وائي آنو؛ ذ. اهو آنو جنهن مان ٻچو پيدا نہ ٿئي. اجائي ڳالهه. بي‌بنياد بهتان.
وائي بند ٿيڻ؛ زبان مان ڳالهه نہ نڪرڻ. ڳالهائڻ جي طاقت نہ رهڻ.
وايون ٻٽال ٿيڻ؛ واٽڙو ٿيڻ. حيراني ۾ پوڻ. حوصلا خطا ٿيڻ.

وايو؛ ذ (سن) هوا- باد.
وايومنڊل؛ ذ. هوا جو رخ ۽ ڦيرو. هوا جي رخ ۽ ڦيري وارو ماحول.
وَبا؛ ث (ع) هڪ خطرناڪ وچڙندڙ بيماري ۽ وڏي بيماري- مَري- ڪالرا (انگ).
وَبالُ؛ ذ (ع) عذاب. آفت. مصيبت. جنجال. روڳ. آزار.
وِٽُ؛ ذ (سن) طاقت- سگهہ- وس. زور. ٻيچ- پڇندي.
وَتايو؛ ذ. سنڌ جو مشهور الله وارو درويش.
وِتر؛ ث (ع) سومهڻي نماز جون پڇاڙي وارين ٽي رڪعتون.
وِترو؛ ظ. تهان ٿي وڌيڪ. جهجهو- گهڻو- زياده.
وَتڻُ؛ م (سن. ورتن) ڪرڻ. لاڳيتو هلندو رهڻ (ڪم. سلسلو).
وِٿ وِٿ؛ ث. ٽڪڙ- جلدائي.
وِٿوٿيو؛ ص. اجايو اٻهرو- ٽڪڙو.
وَٿُ؛ ث. شيءِ- ٽول- چيز- ٿوڪُ.
وِٿَ؛ ث. وِٿي- وڇوٽي.
وَٿاڻُ؛ ذ. آباديءَ کان پريرو ٺهيل مَنهن وغيره (جنهن ۾ چوپايو مال ٻيهي). چوپائي مال جو واڙو.
وِٿي؛ ث. وڇوٽي- مفاصلو. خال. مهلت. دير- ميعاد.
وَٽَ (وَٽر)؛ ث. ورهاست- ونڊ- ورڇ. حصو- ڀاڱو. ڪپڙي جي ڪنار. موسمي منڊائتي ميوي وغيره مان دوستن عزيزن کي ڏنل تحفو. پوک لاءِ زمين کي آيل پاڻي جي پومل- ريج.
وَٽ ڇهڻ؛ استنجا ڪرڻ.
وَٽَرَ ڪرڻ؛ منڊائتي ميوي وغيره کي ڀهريون ڀيرو ڪاٽڻ.
وَٽ ولڻ؛ ورچ ولڻ. مرشد وغيره کان درويشي جي ورچ ولڻ.
وَٽَ وراڻ ڪرڻ؛ تائيد ڪرڻ. ڳالهہ جي ڀنيرائي ڪرڻ.

وَٽِ: ث. وٽيل ڪپڙي يا ڪپھہ جي فتيل جيڪا ڏِيي يا لالٽين ۾ ٻارجي. فتيل (بندوق وغيره جي بارود کي باھہ ڏيڻ لاءِ). ميڻ بتيءَ جي ڏوري. زخم ۾ وجھڻ لاءِ ڪپڙي يا ڪپھہ جي ٻَتي. (ظ) پرسان- لڳ- نزديڪ.

وَٽُ: ذ. وَر- وڪڙ- پيچ. ڦيرو. رسي يا ڪپڙي کي نپوڙ لوھہ يا پٿر وغيره جو مقرر وزن وارو ٽڪرو (جيڪو ساھميءَ جي پُڙ ۾ وجھي ٻئي پڙ ۾ شيون تور ڪبن)- تورو- وزن.

وَٽَ تارازي: ث. ساھمي ۽ تورا.

وَٽ تي رسو ڀڃڻ: رياءُ رکي ڳالھہ ڪرڻ. منافقي واري تائيد ڪرڻ.

وِٽارَڻُ: م. ڪنھن جانور جو وات وجھي ڪاڌو خراب ڪرڻ. لَبڻ- اوبارو ڪرڻ.

وِٽارِيلُ: ص. اوباريل- جُوٺو ڪيل. پليت ڪيل (ٿانءَ وغيره).

وَٽان: ظ. کان- طرفان.

وَٽائِڻُ: م. ڀيائڻ (رسو). پڙهائڻ (ڌاڳو).

وَٽجَڻُ: م. مروڙجڻ- پيچ اچڻ- وَٽ کائڻ. ايذاءُ سبب سڄو جسم لُڇڻ ڦٽڪڻ.

وِٽِرَڻُ: م. جميل سٿ ڀڄڻ- وِکرڻ. ڪير ڦِٽڻ.

وَٽڻُ: م. ور ڏيڻ. وڪڙ ڏيڻ. ڀَڃڻ (واڻ). ناھڻ (سُٽ). ويڙھڻ. نفعو ڪمائڻ- ڪٽيو ڪائڻ.

وَٽو: ذ. ڌاتوءَ مان ٺھيل پيالو (خاص ڪري ڪنجھي جو)- ڪٽورو. ڇَمنُ. گھاٽو- نقصان. ڪمي- گھٽتائي. مجرائي- ڇوٽُ. وياج- نفعو.

وَٽوهَڙُ، وَٽهڙُ: ذ. ٻنيءَ ۾ ڪڙن ڀڃڻ لاءِ ڊگھي ڳن سان ڪاٺ جو وڏو مترڪو.

وَٽي: ث. ٿامي يا ڪنجھي جي ننڍي پيالي.

وَٽيو: ذ. ڪٽيو- نفعو- لاڀ. ڪمائي.

وَٽَ: ث. پڪڙ- گرفتاري.

وَٽِ پَڪڙ، وَٽِ وَٺان: ث. گرفتاري. پڪڙ پڇاڙ.

وَٽ پوڻ: عذاب نازل ٿيڻ. ڦھر پوڻ. پٽَ پوڻ.

وَٽِ ڪرڻ: پڪڙڻ- سيکت ڏيڻ. پڪڙي سزا ڏيڻ. جُلھہ ڪرڻ.

وِٺِ: ث (سن. وِس) پکيءَ جي غلاظت.

وِٺ ڪڍڻ: هلاڪ ڪرڻ- هلائي هلائي ٿڪائڻ.

وِليوه لاهڻ: خراب ڪرڻ. گندگي ڪرڻ.

وَٺائِڻُ: م. جهلائڻ- پڪڙائڻ. خريد ڪرائڻ.

وَٺجَڻُ: م. جهلجڻ- گرفتار ٿيڻ. بيماريءَ ۾ جهلجڻ.

وَٺڻُ: م. خريد ڪرڻ. پڪڙڻ. جهلڻ. قابو ڪرڻ. حاصل ڪرڻ. قبضي ۾ ڪرڻ. سنڀالڻ- سھارو ڏيڻ.

وٺي اچڻ: ڪٺي اچڻ. سان آڻڻ. خريد ڪرڻ.

وَٺو: ذ. وسندڙ مينهن. وسڪارو. بارش- مينهن.

وِٺي جي مُند: ث. برسات جي مند- سانوڻ.

وَثُوق: ذ (ع) مضبوطي. اعتبار- ڀروسو.

وَثِيقو: ذ (ع) اقرار نامو. معاهدو. هُنڊي. دستاويز- سَنَدَ.

وِپَتِ: ث (سن) مصيبت- آزار. بدنصيبي. ناڪامي. پيڙا.

وَجاهَتَ: ث (ع) وڏو درجو- عهُدو. عزت مندي. مُنهن جي رونق. سونهن- سوڀيا.

وَجدُ: ذ (ع) حال- بيخودي- جذبو. موج. حال واري ڪيفيت. سماع ۾ پيل حال يا بيخودي.

وِجدانُ: ذ (ع) ڄاڻ- دريافت. ڄاڻڻ جي قوت.

وُجودُ: ذ (ع) موجودگي. هستي- زندگي- حيات. مادو- جوهر- تت. ظهور.

وجود وٺڻ: ظاهر ٿيڻ. هستي ۾ اچڻ. پيدا ٿيڻ.

وُجوهات: ذ (ع) "وجه" جو جمع. دليل- اسباب.

وَجهُ، وَجَھہ: ث (ع) سبب- ڪارڻ- باعث. شڪل- صورت. طرز- ڍنگ.

وَجِيهُ: ص (ع) باعزت- معزز. سهڻو- حسين.
وَڃُ: ذ. سُوئر جا ڏندَ. مِروڙ جا ٻاهر نڪتل ڏند.
وَڃ وڃائڻ: (وڻا واڇا وڃائڻ) ڪاميابي ڪرڻ- سوڀ ڪرڻ. ديڃارڻ- هيسائڻ.
وِڄُ: ث. ڪنوڻ- برق.
وِجا: ث (سن. وديا) عقل. سمجهه- ڏاهپ. دانائي. مُنيا.
وَڄائِڻُ: مَ. سُر پيدا ڪرڻ. نالو ڪڍڻ.
وڄائي ڇڏڻ: مشهوري ڪرڻ- نالو ڪڍڻ. ماري مڃائڻ.
وَڄَتَ: ث. ساز جو آواز. وڄائڻ جو نمونو.
وَڄتو: ذ. ساز وڄائيندڙ.
وَڄَڻُ: مَ. سُر نڪرڻ (ساز مان). آواز ڪرڻ. آواز اچڻ (ڪنن ۾).
وَجهه: ذ. موقعو- داءُ- وارو.
وَجهه پيچُ: ذ. حيلا حوالا- داءُ گُرَ.
وِڄهِلِ، وِنڄهِلَ: ث. (ع. وجل) جهوري- ڳارائو. جهڄڻ. سارُونِي.
وِڄهلَڻُ: مَ. هنجهون هارڻ- ڳوڙها ڳاڙڻ. جهڄڻ- ڳُتي ڪرڻ. جهڄڻ ۽ ڳرڻ.
وِجهَڻُ: مَ. داخل ڪرڻ- اندر گهيڙڻ. پائڻ (ڳهه). اوتڻ (پاڻي). اندر ڪرڻ (قيد ۾).
وِڃائِڻُ: مَ. ضايع ڪرڻ. گم ڪرڻ. تباه ڪرڻ. خراب ڪرڻ.
وڃائي سِکڻ: نقصان پرائي تجربو حاصل ڪرڻ.
وَڃَڻُ: مَ. گم ٿيڻ. ضايع ٿيڻ. برباد ٿيڻ. خراب ٿيڻ. روانو ٿيڻ. دفع ٿيڻ. ختم ٿيڻ (اثر). تباه ٿيڻ. گذرڻ (وقت).
وِچڙو: ذ. ڪڪن ۽ تيلين مان نهيل پکو (جنهن سان واءُ هڻجي).
وِچڙِي: ث. ننڍو پکو.
وِچُ: ذ. اندريون حصو- منجهه. درمياني حصو- وسط. مرڪز. ٻن شين جي وچ وارو مفاصلو. راز- منجهه. وٿي- جدائي.
وچ پڌرو ٿيڻ: راز ظاهر ٿيڻ. اندر جي خبر پوڻ.
وچ پوڻ: وٿي پوڻ- جدائي ٿيڻ.
وچ ڪٽيو: ص. دلال- ڏوٽو. منافق. ٻچاپڙو.
وچ ڪڍڻ: راز معلوم ڪرڻ. ڇيهو رسائڻ.
وچ وجهڻ: اختلاف وجهڻ. جدائي وجهڻ. جهيڙو وجهائڻ.
وچ ۾ ٽپي پوڻ: خواه مخواه دخل ڏيڻ. پرائي معاملي ۾ ڪاهي پوڻ.
وچ وارو: ص. وچون- درمياني- وسطي. ثالث- ٽياڪر. دلال.
وچان: ظ. وچ مان. اندران. منجهان.
وچان پوڻ: ٽياڪر بنجڻ. جهيڙي ۾ ٽپي پوڻ. صلح ڪرائڻ. ٻچاءُ ڪرڻ.
وِچترُ: ص (سن) رنگارنگي. چٽڪمرو. رنگين. سهڻو- خوبصورت. عجيب غريب. حيرت انگيز.
وِچٽرو: ص. وچولو- درميانو- پورو پنو. موزون.
وِچَٽُ: ص. وچ وارو- وچون- درمياني.
وِچڙڻُ: مَ. وچ ۾ پوڻ- وچ ۾ اٽڪاءُ ڪرڻ. ڦاسڻ- اٽڪڻ.
وِچڙي پوڻ: اٽڪي پوڻ. تڪرار ڪرڻ.
وَچَنُ: ذ (سن) ٻول. ڳالهه. قول. وعدو. اقرار.
وچن ڪرڻ: واعدو ڪرڻ- قول ڪرڻ.
وِچُورُ: ذ. تفصيل. اسم وار ليکو.
وِچولو: ذ. وچون- درمياني. سنڌ جو وچ وارو طبعي ڀاڱو.
وِچون: ص. وچ وارو- درمياني- وسطي. (ث. وچين).

وِچين، ث. اگين ۽ سانجهيءَ جي وچ وارو وقت- عصر. وچين واري نماز. ملهه جو هڪ ڪُپت وارو داءُ- اندريون آنگڙو- اندرين.

وِچين آگُرَ، ث. جهيڙو وجهائيندڙ. لائي چائي ڪندڙ.

وِچين هڻڻ، ڪُپت ڪرڻ. ويساهي ڏڪ ڪڍڻ.

وَڇَ، ث. مينهن جو مادي ڦرُ.

وِڇائو، ذ. هنڌ- بسترو. وڇايل ٿيڙ (رلي، گلم وغيره).

وَچائتُ، ذ. گهور ڪندڙ واپاري. پلاوٺو- دلال.

وِڇائڻُ، م. پکيڙڻ (هنڌ). کولڻ (گاهه وغيره).

وِڇائجي وڃڻ، پکڙجڻ (هنڌ). مائل ٿيڻ. عاجز ٿيڻ.

وِڇڙڻُ، م. جدا ٿيڻ- الڳ ٿيڻ- ڌار ٿيڻ.

وَڇڙو، ذ. مينهن جو نر ڦرُ.

وِڇوٽي، ث. وِٿي. مفاصلو. مهلت. ساهي.

وِڇورڻُ، م. آگهارڻ (ٿانءُ)- پاڻيءَ ۾ چاچولي صاف ڪرڻ.

وِڇوڙڻُ، م. جدا ڪرڻ (عاشق معشوق کي)- ڌار ڪرڻ. جدائي وجهڻ.

وِڇوڙو، ذ. جدائي- علحدگي. فراق.

وِڇُون، ذ. هڪ قسم جو زهري جيت- پِٽُون- عقرب.

وِڇُونڙو، ذ. هڪ قسم جو ڳهه (پيرن جي آڱوٺي ۽ آڱر ۾ پائبو).

وَڇيرو، ذ. گهوڙي جو نر ٻچو. (ث. وڇيري).

وَحَدُ، ذ (ع) اڪيلو. هڪ. جدا.

وَحدانيّتَ، ث (ع) هيڪڙائي. توحيد.

وَحدَتَ، ث (ع) هيڪڙائي. توحيد.

وَحدة الوجود، ذ. تصوف جي اصطلاح موجب هر وجود کي خدا جو وجود سمجهڻ.

وَحشَت، ث (ع) خوف- ڊپ. خفقان. گهٻراهٽ. حوانيت.

وَحشت زده، ص. ڊنل. گهٻرايل. اداس. خفقاني.

وَحشت ناڪ، ص. خوفناڪ- ڀيانڪ.

وَحشِي، ص (ع) جهنگلي. ٿهندڙ. ڇرڪندڙ. غيرمهذب. بيرحم. ظالم.

وَحِي، ث (ع) الهي پيغام. حضرت جبرئيل جيڪو خدا جي طرفان نبين تي پيغام آڻيندو هو.

وِداعُ، ذ (ع) رخصت- روانگي. موڪلائي. نيڪيٽي.

وِدوانُ، ص (سن) عالم- فاضل. ماهر.

وِديا، ث (سن) علم. ڄاڻ. گيان. حڪمت. هنر- مهارت.

وِدياليه، ذ. علم حاصل ڪرڻ جي جاءِ. اسڪول- پاٺشالا.

وِديشُ، ذ (سن) ڌاريو ڏيهه- غيرملڪ. پرڏيهه.

وَديعَت، ث (ع) امانت- تراوت.

وَڏَ، ث. ديگ مان پَٽ جي ورهاست. ڪاج واري مانيءَ جي ورهاست.

وَڏِ، ث. گهٽائي. سَرسِي. (ص) وڌيڪ.

وِڏِ، ث. پليتي. ڇَتي. مٽان جو بار.

وَڌاءُ، ذ. ڊيگهه- طُول. پکيڙ. گهِل- اِينگهه. مبالغو.

وَڌائڻُ، م. وڌو ڪرڻ. گهڻو ڪرڻ. ڊگهو ڪرڻ. طول ڏيڻ. پکيڙڻ. اينگهه ڪرڻ. ورڇڻ (ماني). ترقي ڏيڻ.

وڌائي ڇڏڻ، وڌو ڪرڻ. گهڻو ڪرڻ. ڊگهو ڪرڻ (ڪم).

وَڌِڪُ، ذ. وڌيڪ. گهڻو- زياده. فالتو.

وَڌڻُ، م. زياده ٿيڻ- گهڻو ٿيڻ. وڌيڪ ٿيڻ. اڳتي ٿيڻ. وڌو ٿيڻ. ڊگهو ٿيڻ. اڳيان ٿيڻ. ترقي ڪرڻ. اوچو ٿيڻ. ٿُلهو ٿيڻ. پکڙجڻ. اُسرڻ. اُيرڻ (وڻ، ٻوٽو). ورڇڻ (ماني).

وَڌَلِي، ث. هڪ قسم جي ڏوٿي (جنهن سان ماني وڌائجي). هِڏڪوئي (جيڪا ڪنهن جي ياد ڪرڻ سان ٿئي).

وِڌوا، ث (سن) بيوه- رن زال.

وَڏيڪُ، ص (سن. آڍڪ) زياده- گهڻو- جهجهو. اجايو- فالتو.

وَڏيڪ هجڻ، گهرج کان گهڻو هجڻ- اجايو گهڻو هجڻ.

وَڏ، ث. 'وڏائي' جو مخفف. فقط صفاتي اڳياڙي طور ڪم ايندڙ لفظ (جهڙن وڏپڻ، وڏ- اکيو وغيره).

وِڏ، ث. عيب- وِيڪَ. جسماني عيب.

وڏاندرو، ذ. سخت ڏکيو.

وڏاڻُ، ذ. لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار- وڏو مترڪو.

وڏا ڦوٽا، ذ. هڪ قسم جو خوشبودار وکر- نر ڦوٽا.

وَڏائي، ث. بيگهه. اوچائي. بزرگي. عزت. فضيلت. ٻٽاڪ. آڪڙ- غرور- سيٺ.

وڏائي خورُ، ص. آڪڙباز. اجائي وڏائي ڏيکاريندڙ.

وَڏ ڀاڳيو، ص. وڏي ڀاڳ وارو- خوش نصيب.

وَڏپڻُ، ذ. وڏائي. وڏي عمر. وڏي عزت. پيرسني- پيري- ٻڍاپو.

وَڏپيٽو، ص. وڏي پيٽ وارو. گهڻو کائيندڙ. پيٽو- پيٽر.

وَڏ جگرو، ص. وڏي همت وارو. دلير- بهادر.

وَڏ ڏڙو، ذ. وڏين ڏڙين وارو ميڻهن.

وَڏ گهرائو، ص. وڏي ڪٽنب وارو خانداني. اصل نسل وارو.

وَڏ مانهپي، ث. وڏو مان مرتبو. وڏي عزت. خانداني. آڪڙ- سيٺ. وڏائي.

وَڏ تنوائي، ث. تندي وڏي جي سڃاڻپ. نياز نئڙت واري هلت.

وَڏَٽ، وَڏَڻ، ث. هڪ پسارڪو وکر- سؤنف.

وَڏ ڪنو، ص. وڏن ڪنن وارو. سرلو.

وَڏ ڳڙدو، ص. بردبار- تحمل وارو. راز دل ۾ رکندڙ. همت وارو- دلير.

وَڏو، ص. ڊگهو- لنبو. ويڪرو. وسيع. ڪشادو- ڪُليل. گهڻو- زياده. اوچو- بلند. ٿلهو. مٿانهون- اعليٰ. (ث. وڏي).

وڏو ڪرڻ، وڌائڻ- ڊگهو ڪرڻ. پالڻ- پرورش ڪرڻ. گهرو ٻولي ۾ ٻار کي سنڀالڻ.

وڏو آسُرو، ذ. رات جو ٽيو پهر.

وڏو اُستاد، ذ. سڪول جو وڏو استاد- هيڊماستر. (ص) هوشيار- چالاڪ.

وڏو ڏينهُن، ذ. عيد براد يا ڪو سڳورو ڏينهن.

وڏو صُبحُ، ذ. پرهه ڦٽي.

وڏو ڪمُ، ذ. اهم ڪم. ساراهه جوڳو ڪم.

وڏو ماڻهو، ذ. دولتمند- امير. عزت وارو. حاڪم. وڏي همت وارو.

وَڏوَاتي، ث. نياڳي- منحوس (جنهن جي پٺ لڳي).

وڏ واتيو، ص. گهڻو ڳالهائيندڙ- بڪبڪيو. ٻٽاڪي. ٽاڊي ڳالهائيندڙ.

وَڏ وَر، وَڏهَر، ث. سامايل ڇوڪري- شادي لائق نياڻي.

وِڏولچَڻُ، م. ڪاوڙجڻ- ڏمرجڻ.

وِڏولو، ص. ڪاوڙيل- ڏمريل. رنل.

وَڏيرَپ، ث. ڳوٺ جي سماجي فيصلن جو اختيار- اڳواڻي.

وَڏيرو، ص. ڳوٺ جو وڏو- ڳوٺ جو چڱو مڙس (جنهن تي وڏيرپ جي پڳ هجي). (ث. وَڏيري).

وَڏي ڪنگهه، ث. سِلهه جي بيماري. ڪِرٽيو.

وَڏي دلِ، ث. فراخدلي. همت- حوصلو.

وَڏي ڪُنڊَ، ث. جاميٽري موجب ٩٠ درجن کان وڌيڪ ماپ واري ڪُنڊَ.

وَڏي ڳالهه، ث. ڏکيو ڪم. اهم ڪم. حيرت جهڙو ڪارنامو.

وِڏيت، ث. سبب. تفصيل. خبرچار.

وَڏَ: ث. وڍڻ جو عمل. وڻن جي وَڍ. ڇانگ.
وَڍِ ڪرڻ: ٻيلي، ھُڙي وغيره مان وڻ وڍڻ. وڻن مان ٽارين جي ڇانگ ڪرڻ.
وَڍُ: ذ. زخم- گھاءُ. ڇَھڪ- ڇِيرُ. وَڍ جو نشان. تر جي پِٽَن مان رستو.
وَڏَ وجھڻ: گھاءُ وجھڻ- زخم ڪرڻ. طعنن مھڻن سان دل کي گھائڻ.
وَڍائڻ: م. ڪپائڻ. ڇانگائڻ.
وَڍَڻُ: م. ڪاٽڻ- ٽُڪر ڪرڻ. ڪَپڻ. ڇھڪ ڏيڻ.
وَڍو: ذ. ڇھڪ جو نشان. داغ- چٽو. ٻَنو- نِيلُ.
وَڍِي: ث. چَمَ جي ٻَڙي. رشوت- لَبُ.
وَڍِي خورُ: ص. رشوت خور.
وَرُ: ذ (سن) گھوٽ- مڙس- وَنو. تحفي طور ڏنل دلپسند چيز- خيرات. گھيرو- دائرو. موڙُ- وڪڙُ. ڏنگ- خم- پيچ- ڦيرو. گھُنج.
وَرُ پوڻ: وَٽ پوڻ. ڏِنگ ٿيڻ. فرق پوڻ.
وَرَ ۾ اچڻ: وڪڙ ۾ اچڻ- ڦاسڻ- قابو ٿيڻ.
ور چڙھڻ: قابو ۾ اچڻ. وڪڙ ۾ اچڻ. ھٿ چڙھڻ.
وَر ڪڍڻ. وَر ڪُنجڻ: مٽي اُبتائي وٽان ور ڏيئي سنڌ کي ھيٺان مٽي ڪرڻ. ڪنھن ڪم جي سنبت ڪرڻ. جھيڙي لاءِ تيار ٿيڻ.
وَر لاھڻ: ڏنگ ڪڍڻ. سيڪت ڏيڻ. سڌو ڪرڻ.
وِرُ: ذ. ڦٽ ۾ سوراخ (جيڪو ماس کي اندر ئي اندر ڪائيندو وڃي).
وِراثت: ث (ع) ورثو- ترڪو. ميراث.
وَراڙو: ذ. چورن جي پٺيان ويل ياڳين جو ٽولو- ورھاڙو.
وراڪو: ذ. وَرُ- پيچ- وڪڙ. لاڳاپو. سڳ جو ناتو.
وِراندو: ذ. صُفي جي اڳ وارو ڇت سان ڍڪيل حصو.
وِراندَ: ث. شام جو وقت- پوچاڙي.

وِرانگَ: ث. ٻرانگ. چال- ٻڌ.
وَراھِ: ث. وارو (سُڪار جو). وسندي. نڪَ- پيڙھي. ورندي- جواب.
وَرالو: ذ. وھٽ کي پنڌ ڪرائي وري وٺي اچڻ (ٿڪ لاھڻ لاءِ). ھرن ڪاھڻ وقت اُھو ڊنگ جتان ڊِگَن کي پوئتي ورائجي- ڦيرو.
وَراِلي: ث. ماني اُٿلائڻ جي تڦٿي. اُٿلالي- دور- پيرو. گھمرو- ڦيرو. جواب- ورندي. اُنٽو (گھوڙي کي).
ورائي ڏيڻ: جواب ڏيڻ- ورندي ڏيڻ.
وِراھڻُ: م. ورھائڻ- ونڊڻ- ورڇڻ. ورھاست ڪرڻ.
وَرائِڻُ: م. موٽائڻ- ڦيرائڻ. موڙڻ. وري وٺي اچڻ. ٱلارڻ. مٿان وجھڻ. گھورڻ. بند ڪرڻ- ٻيڪڙڻ (در، دري). اُٿلائڻ (ورق). ڍِڪڻ. وڪوڙڻ- گھيرڻ.
ورائي وڻڻ: واپس وڻڻ- موٽائي وٺڻ.
وَرتُ: ذ. رسو- نوڙ- واجھہ. کوھہ مان پاڻي ڪڍڻ جي واڌ.
وِرتُ: ذ (سن) ھندن جو ڌرمي لنگھڻ.
وِرتَلُ، وِرتو: ص. ڪڪ- بيزار. ڪُھيل.
وَرتِيو: ص. پوٽي پٽيندڙ- جوتشي.
وُرثا: ذ (ع) وارث جو جمع. ميراث جا حقدار- وارث.
وَرثو: ذ (ع. ورث) مُئي جو مال. ترڪو- ميراث.
وَرثائڻ: م. ڍِئي ڇڏڻ. مالا مال ڪرڻ. نوازڻ.
ورجاءُ: ذ. موٽ- واپسي.
وَرجائِڻُ: م. موٽائڻ- موٽ ڏيڻ. جواب ڏيڻ- ورائي ڏيڻ. دھرائڻ. ٻيو ڀيرو چوڻ. وري وري چوڻ.
وَرجِيسَ: ث. مشق- وري وري ڪرڻ. ڪسرت. اصطلاحي معني.
وِرچَ: ث. خفو- بيزاري. ڪڪ ٿيڻ جي حالت.
وِرچائڻ: م. ڪڪ ڪرڻ. بيزار ڪرڻ. ٿڪائڻ.

وِرچَڻُ: م. ڪڪ ٿيڻ. بيزار ٿيڻ- خفي ٿيڻ. مُنهن پوڻ.
وِرِچَ: ث. ورهاست- تقسيم- ونڊ. ورهاست ۾ آيل حصو. ڀاڱو- حصو- پتي. ڦوڙي- چندو. درويشي جي عطا- ڏاڻُ.
وِرچ وجهڻ: پتي ڏيڻ- ڦوڙي ڏيڻ.
ورچَڻُ: م. ورهائڻ- ونڊڻ. ڦاندڻ.
وِردُ: ذ (ع) روزانو عمل. روزمره جو ڪم- معمول.
ورد وظيفو: ذ. مقرر وقت تي دعا درود.
وِردُ ڪرڻ: زباني دور ڪندو رهڻ. روزانو عمل جاري رکڻ.
وَردي: ث. سپاهين، ڪارڪنن، پٽيوالن وغيره ملازمن جي خاص مقرر ٿيل پوشاڪ.
وَرزِشَ: ث (ف) مهارت حاصل ڪرڻ جي مشق- استعمالي. ڪسرت. ڏورُ (وري وري ڪرڻ جي مشق).
وَرسارو: ذ (ٿ) برسات. برسات جي مُند. وسڪارو.
وِرسَڻُ: م. پلجڻ- گمراه ٿيڻ. پنيلجڻ. محروم ٿيڻ. پٽڪڻ.
وَرسي: ث. ٻارهو. وفات جو ساليانو ڏينهن.
وَرَقُ: ذ (ع) ڪاغذ- پَنو. سون يا چانديءَ جو سنهون پَنو. وڻ، ٻُوٽي، گُل وغيره جو پَنُ.
ورق ورڻ: حالات بدلجڻ. وارو ورڻ. ڀاڳ لڳڻ.
وِرڪُ: ذ (سن) وڻ.
وَرڪا: ث (سن. ورشا) وسڪارو. گهورَ- گهورڻ.
ورڪا ڪرڻ: وَسائڻ (گُل وغيره)- مٿان گهورڻ.
وَرلاپُ: ذ (سن) روح پٽڪو. آه زاري. پار ڪڍي روئڻ. ٻاڪارَ.
ورلو، وِرلي: ظ. ڪڏهن ڪو. بعضي اتفاق سان. ڪڏهن ڪڏهن.
وَرمُ: ذ (ع) سوڄ- آماس.

وِرمڻُ: م. ترسڻ- رهڻ. دير ڪرڻ. لالچ ڪرڻ. پرمڻ.
وَرَڻُ: ذ (سن) رنگ- قسم- نوع. رنگ روپُ. حُسن.
ورڻ وَرڻ ٿيڻ: مُنهن جو رنگ بدلجڻ.
وَرنَه: ظ (ف) نه ته- وري.
وَرنائڻُ: م. ڌاڻهن ڪوڪ ٻڌڻ- سڏ سڻڻ. اونائڻ. داد ڪرڻ.
وَرَندو: ظ. ايندڙ- ڏسندو (ڏينهن، مهينو، سال).
وَرَندي: ث. سڏ جي وراڻي. جَواب.
وَرندي ڏيڻ: جواب ڏيڻ. سوال جو جواب ڏيڻ.
وَرَتَهُ: ص. سونهن سوپيا وارو. صورت وند. جوڌو جوان (ث. رَرَتَه).
وَرَڻُ: م. موٽڻ- وري اچڻ- واپس ٿيڻ. دوباره اچڻ. مُڙڻ- ڦرڻ. ڏنگ ٿيڻ.
وري اچڻ: دوباره اچڻ. موٽي اچڻ.
وري پوڻ: موٽي اچڻ. اُٿلي پوڻ. موت ڪاٽڻ. لاڙو ڪرڻ.
وَرو: ذ. ڪاٺ جو ڊگهو لڪڙو- پَڃر (جيڪو ڇت ۾ پوي).
وُرودُ: ذ (ع) وارد ٿيڻ. پهچڻ. ظاهر ٿيڻ.
وِرودُ: ذ (سن) اختلاف- مخالفت. ڪلفت. دشمني- خصومت. ويرُ. البت.
وِرودي: ص. فسادي. دشمن.
وِرُوڻ: ذ. ڦٽن زخمن ۾ آزاريندڙ سوراخ.
وِرُوڻهَ: ث. وِندُر. رهاڻ. مشغولي. ڦرب ونڊڻ.
وِرُونهڻُ: م. وندرڻ. ڦرب ونڊڻ. ڪچهري ڪرڻ. حال ونڊڻ.
وَرهُ: ذ. ورهيه- سال.
وِرهُ: ذ. بره- عشق. جدائيءَ جو ڏک. وڇوڙو. فراق.درد.
ورهاسَتَ: ث. ونڊ- وِرچ- تقسيم. ڦاندڻي.

وِرهاڱو؛ ذ. ورهاست- ونڊ ورڇ.

وِرهائڻ؛ م. ورڇڻ- ونڊڻ- تقسيم ڪرڻ. ونڊ ڪرڻ.

وَرهيہ، وَرِهُ؛ ذ (سن. ورش) سال- سَن. زمين جو سج جي چوڌاري ڦيرو پورو ڪرڻ وارو عرصو (جيڪو عيسوي سنہ موجب ٣٦٥ ڏينهن، ٥ ڪلاڪ، ٤٨ منٽ ۽ ٤٦ سيڪنڊ ٿئي ۽ قمري سال ۾ ٣٥٥ ڏينهن ٿيا).

ورهين جا ورهيہ؛ ظ. سالن جا سال. هر سال. هميشہ- سدائين.

ورهين جو؛ ص. تمام پراڻو- آڳاٽو- قديم.

وِرِہ؛ ث. کاڌي لاءِ مقرر ڪيل اَنُ يا روزينو. هڪ ويلي جو اَنُ يا کاڌو. کاڌ خوراڪ. گذران.

وَرِي؛ ظ. ٻيو ڀيرو- دوباره. موٽي- واپس ٿي. پوءِ- بعد. وٽيڪ. نئين سِر. مٿان ڪان- شروع ڪان. اچان ب.

وَرِي وري؛ ظ. بارٰ بار- هردفعي.

وَرِياهُ؛ ذ. سورهيہ- پهلوان- جوڌو.

وَرِيتي؛ ث. وَرَ واري- سهاڳڻ.

وَڙُ؛ ذ. احسان- ٿورو- ڀلائي- عنايت- نوازش. ڳُڻ- گُن. قسم- جنس (وکر جي).

وَڙُ ڪرڻ؛ ڀلائي ڪرڻ- ٿورو ڪرڻ. بنان لالچ جي احسان ڪرڻ.

وِڙُ؛ ص. بدبخت- منحوس. منافق. حاسد.

وَڙڪائڻُ؛ م. چوپائي کي جهنگ مان گهمتاڙي ڏياري اچڻ. ٽنگون سهائي اچڻ.

وَڙڪَڻُ؛ م. سير ڪرڻ- پسار ڪرڻ. چهل قدمي ڪرڻ. ٽهلڻ. گهمڻ.

وَڙو؛ ذ. هڪ قسم جي مِٺائي.

وِڙواند؛ ص. حاسد- مَ سَهُو. رقيب. وڄ ويڙهائو. ڪميڻو. فِتنو وجهندڙ.

وَڙولَ؛ ث. ڳولا- ڳولا ٽولا. جاچ جونچ. ويل وهٽ يا چوري ٿيل مال جي ڳولا. تلاش.

وڙول ڏيڻ؛ ڀيا ڳاڇا ڪرڻ. تلاش ڪرڻ.

وِڙهڻُ؛ م. لڙڻ- جهڳڙڻ. تڪرار ڪرڻ. جهيڙو ڪرڻ. لڙائي ڪرڻ.

وِڙهي ڍانگو ٿيڻ؛ وڙهي ٿڪجي پوڻ. وڙهي خوار خراب ٿيڻ.

وُڙهَڻُ؛ م. وهڻ (واهہ يا درياہ جو پاڻي).

وَزارَتَ؛ ث (ع) وزير جو عهدو- وزيري- منسٽري.

وُزراء؛ ذ (ع) "وزير" جو جمع.

وَزَمُ؛ ذ. حُقي، چلم وغيره جي ڦوڪ. سُلفيءَ جو سُوٽو. يڪ ساهي وڏو سُوٽو.

وزم واڙي ڪرڻ؛ حقو پاڻي پيڻ. بيڙي وغيره پي ساهي ڪڍڻ.

وَزَنُ؛ ذ (ع. وَزن) تورَ- ڌڙو. بار- بوجو. تور جو وَٽُ- شعر جو وزن.

وزن ڪرڻ؛ تور ڪرڻ- تورڻ.

وَزنائتو؛ ص. وزندار. قدر قيمت وارو. مُلهائتو.

وَزندارُ؛ ص. ڳرو- ڀاري. ثقيل.

وَزنِي؛ ص. ڳرو- ڀاري.

وَزِيرُ؛ ذ (ع) حڪومت جي نظام ۾ وڏو مُشير- مِنسٽر.

وَزيراعظم؛ ذ. وڏو وزير.

وَزيرِي؛ ث. وزير جو عهدو- منسٽري.

وَسَ؛ ث. مِينهن- بارش- برسات- وسڪارو.

وَسَ ٿيڻ؛ مينَهن پوڻ- بارش ٿيڻ. آبادي ٿيڻ. وسڻ ٿيڻ.

وَسَ چرڻ؛ چوپائي مال کي وسڪاري واري جُوءِ ۾ چارڻ.

وَسِ؛ ظ. وس ۾- قبضي ۾- هٿ ۾. قابو ۾- اختيار ۾.

وَسُ؛ ذ. طاقت- سگهہ- ڦُوت. اختيار- قابو. مرضي- چارو- حيلو. اُدم- سعيو- ڪوشش.

وسَ ۾ ڪرڻ؛ قابو ۾ آڻڻ- اَختيار ۾ ڪرڻ. قبضي ۾ ڪرڻ.

وَسَ ڪرڻ؛ سمورو زور لائڻ. حيلا هلائڻ. ڪوششون ڪرڻ.

وَسَ وارو؛ ص. اختيار وارو- مرضي جو مالڪ.

وِسارَڻُ؛ م. وساري ڇڏڻ- ياد نہ ڪرڻ. دل مان ڪڍي ڇڏڻ. يلجي وڃڻ. چت تان لاهڻ- ذهن مان ڪڍڻ.

وَساطَت؛ ث (ع) درمياني وسيلو. وسيلو- ذريعو- واسطو.

وِسامَ؛ ث. هيڻائي- ڪمزوري (جسم ۾). ماندگائي. غنودگي- ڳهر.

وِسامَڻُ؛ م. گُل ٿيڻ (بتي). اُجهامڻ (باهہ). ٺرڻ (جهيڙو) سست ٿيڻ (بدن). ماندو ٿيڻ (جسم). ٿڪجڻ.

وِسائلُ؛ ص. اُجهائل. ٿڪل- ڪُهيل.

وَسائِل؛ ذ (ع) "وسيلي" جو جمع. وَسِيلا. اُپاءَ. حيلا.

وَسائِڻُ؛ مَ. بارش ڪرڻ- مِينهُن ڪرڻ. برسات ڪرڻ. آباد ڪرڻ (وسنءَ، ڳوٺ). اُجهائڻ (ٻتر، موچڙا وغيره). مٿان وجهڻ (مِٽي، ڌُوڙ). ڪٽڻ (مٿي تي)- برداشت ڪرڻ (ذميداري).

وَسايلُ؛ ص. آباد ڪيل. مينهن وسايل.

وِسائِڻُ؛ م. گل ڪرڻ (بتي)- اُجهائڻ (باهہ، چلهہ).

وَستارُ؛ ذ (سن) پکيڙ- تفصيل. ويڪر. ڦهلاءُ. ڪشادگي.

وَسْتُو؛ ث (سن) شيءِ- ٿوڪُ. ٿول. وکر. دولت. جوهر- مادو.

وَستِي؛ ث. بَستي- وسنءَ- آبادي.

وِسپَت؛ ث. بِرهسپت- خميس (جو ڏينهن).

وِسرامُ؛ ذ (سن) آرام- ساهي. سک- چَيَنُ. آجهاپو. آسائش.

وِسرام ڪرڻ؛ ٿڪ ڀڃڻ لاءِ ساهي کڻڻ. آرام ڪرڻ.

وِسرَڻُ؛ م. يلجي وڃڻ- وسري وڃڻ. دل تان لهڻ. يلجڻ. ذيان تان لهڻ.

وَسطُ؛ ذ (ع) وچ. وچون حصو.

وَسطي؛ ص. وچون- درمياني.

وَسعَت؛ ث (ع) سگهہ- طاقت- پهچ- پڄندي.

وسعتمند؛ ص. پهچ وارو- سگهہ وارو.

وُسعَت؛ ث (ع) ڦهلاءُ- پکيڙ. ديگهہ. ويڪر. واڌ. ديگهہ ۽ ويڪر ۾ ايراضي.

وُسعت ڏيڻ؛ ڦهلائڻ- پکيڙڻ. ديگهہ ڏيڻ. وڌائڻ.

وَسڪارو؛ ذ. مِينهَن جي وَسَ. مينهن- برسات.

وَسلو؛ ذ. سامان- ٽپڙ- مال اسباب- مَڏي. گهرو سامان.

وسلو وانو؛ ذ. سامان سڙو- ٽپڙ ٽاڙي.

وَسمو؛ ذ (ع) 'نيرُ' جا سنها ڪُٽيل پَن (جن سان خضاب ڪيو ويندو آهي). ڪيسُ (ميندي لڳائي ان بعد ڪيس لائڻ).

وِسمو؛ ذ (سن) حيرت- عجب.

وِسمي ۾ پوڻ؛ عجب ۾ پوڻ- حيران ٿيڻ.

وِسناهُ؛ ذ. گيهہ ٽاڻڻ لاءِ مکڻ ۾ وڌل ان جو ڏارو.

وَسندِي؛ ث. وَسَ واري جُوءِ (جتي مال جي چرڻ لاءِ وَسنءِ ٿئي). واهڻ- ڳوٺ. آبادي.

وَسَڻُ؛ م (سن. ورس) پوڻ (مينهن). ٿيڻ (برسات). لڳڻ (موچڙا). مٿان پوڻ (ڌوڙ وغيره). آباد ٿيڻ- رهڻ. سرسبز ٿيڻ.

وِسْوِڙڻُ؛ م. ٻتالجڻ- ڀنيلجڻ- گمراهہ ٿيڻ. وسهڻ- اعتبار ڪرڻ.

وِسْوِڙلُ؛ ص. ٻالو ڀولو- ڀورڙو. مت موڙهل. اعتبار ۾ آندل.

وِسِوسو؛ ذ (ع. وِسواس) وهم- ڀرم. خراب خيال (جيڪي شيطان دل ۾ وجهي). ٻپ. گمان- شڪ. انديشو.

وِسوِسو ڪرڻ: وهم ڪرڻ. دل من هڻڻ. شڪ ڪرڻ.

وِسهَڻُ: م. اعتبار ڪرڻ- ڀروسو ڪرڻ. ويساهه رکڻ. مڃڻ. يقين ڪرڻ.

وَسڻ: ث. وَسَ جي سانگي سان ماڻهن ۽ مال جي آبادي واري جُوءِ. تنڊڙو ڳوٺ. آبادي.

وَسِيعُ: ص (ع) وڏو- ڪشادو- فراخ- ڪشادو- ويڪرو.

وَسيع نَظَر: ث. پري تائين ڏسڻ. بلند خيالي.

وَسِعَتَ: ث. سگهه- طاقت. پهندي. پهچ. توفيق.

وَسِيلو: ذ (ع) ذريعو- واسطو. سبب. سهارو- آڌار. ڪنهن شخص جي عنايت جو ذريعو.

وسيلو پيدا ڪرڻ: ڪنهن ڪم جي لاءِ ٻئي جي مدد وٺڻ.

وَسَنءُ: ث. وسندي- آباد جُوءِ. بستي- آبادي. وسندي.

وَسِهي: ث. آبادي- ڳوٺ- بستي.

وِسِهَرُ: ص (بِس هر= زهر وارو). نانگ جو هڪ قسم- ڪارو نانگ- واسينگ نانگ (جيڪو سخت زهري ٿئي).

وِشنُو: ذ (سن) هندن جي ٽن وڏن ديوتائن مان ٻيو نمبر (جيڪو هندن جي ويساهه موجب سڀني مخلوق جي پالنا ڪري ٿو).

وِشِواسُ: ذ (سن) اعتبار- ڀروسو. يقين.

وشواس گهاتي: ث. دغابازي- بي اعتباري. ڪپٽ.

وِصالُ: ذ (ع) ملڻ- ملاقات. ميلاپ. انتقال- وفات. وحدت ۾ فنا ٿيڻ.

وصال ڪرڻ: وفات ڪرڻ. ڌڻي تعاليٰ سان ملڻ.

وَصفَ: ث (ع) ساراهه- تعريف. خوبي- صفت. گڻ- خاصيت. خصلت. سڃاڻپ. اهڃاڻ.

وصف ڪرڻ: تعريف ڪرڻ- ساراهه ڪرڻ. اصل خاصيت بيان ڪرڻ.

وَصلُ: ذ (ع) ملڻ- ميلاپ. گڏجاڻي. صحبت جماع- مباشرت.

وُصولُ: ذ (ع) حصول- حاصلات. آمدني. مليل رقم وغيره.

وصول ڪرڻ: حاصل ڪرڻ- وٺڻ. اُگاڙڻ.

وُصولي: ث. اوڳاڙي. قرض يا محصول طور اوڳاڙيل رقم.

وَصِي: ذ (ع) اهو ماڻهو جنهن کي يا جنهن جي حق ۾ وصيت ڪيل هجي. محافظ- سرپرست. وارث.

وَصِي وارث: ذ. حقدار وارث (جنهن کي وصيت ڪيل هجي يا جيڪو حقدار هجي).

وَصِيتَ: ث (ع) موت يا سفر وقت ڪيل هدايت (تہ مون کان پوءِ هن طرح ڪجو).

وصيت ڪرڻ: آخري (موت يا سفر تي وڃڻ کان اڳ) هدايت ڏيڻ.

وَصِيت نامو: ذ. اهو تحرير جيڪا مرڻ وقت يا سفر تي وڃڻ وقت لکي وڃي.

وَضاحَت: ث (ع) تفصيل. وچور. پيرائتي ڳالهہ. سمورو احوال.

وَضَع: ذ (ع) ترتيب. ساخت. بناوت. ترڪيب. ٺاهپ. طرز- ڍنگ. صورت- شڪل. حالت. ڪمي- لاٽ. ڪاٽ. ڇٽڻ (ٻار).

وَضع حمل: ذ. پيٽ واري ٻار جو ڄمڻ.

وضعدار: ص. هلي چلي جي رسم مطابق مناسب ڪپڙي لٽي ٺهيل.

وَضعداري: ث. خوش اسلوبي. سهڻائي. سگهڙپائي ڍنگ- طريقو.

وَضع قطع: ث. جسماني بيهڪ- پوشاڪ وغيره جو نمونو. شڪل شباهت. ٺاهہ ٺوهہ.

وضع ڪرڻ: ڪاٽڻ (رقم). ڪٽ ڪرڻ- گھٽ ڪرڻ.
وُضُو: ذ (ع) نماز کان اڳ مُنهن. هٿن. پيرن. پانهن ۽ مٿي جي پاڪائي (پاڻيءَ سان).
وُضو سارڻ: وضو ڪرڻ.
وَطَنُ: ذ (ع) ڄمڻ جو هنڌ (شهر، ضلعو، ملڪ). پنهنجو ملڪ.
وَطن مالُوف: ذ. پيارو وطن.
وَطني: ص. ملڪي- پنهنجي ديس جو. ڏيهي.
وَطِيرو: ذ (ع) طريقو- دستور- رواج. چال- عادت.
وَظائِف: ذ (ع) "وظيفه" جو جمع.
وَظِيفو: ذ (ع) روزانو وقت تي دعا درود پڙهڻ جو عمل. روزينو. روز جو مقرر اجورو. شاگرد کي پڙهائي جي باري ۾ ملندڙ امدادي رقم.
وَعدو: ذ (ع) اقرار- قول- انجام- وچن.
وعدا وَعيد: ذ. حيلا حوالا. انجام اڪرام.
وعده شِڪَن: ص. وعدي خلافي ڪندڙ.
وعده فراموش: ص. وعدو ڪري وساري ڇڏيندڙ.
وعدي شڪني: ث. واعدي جي برخلافي.
وعدو ڪرڻ: انجام ڪرڻ- اقرار ڪرڻ.
وعدي وفائي ڪرڻ: انجام پورو ڪرڻ. واعدو نڀائڻ.
وَعظُ: ذ (ع) نصيحت (جيڪا زباني ڪجي). مذهبي نصيحت. تبليغ.
وعظ ڪرڻ: تلقين ڪرڻ. نصيحت ڪرڻ. درس ڏيڻ. ديني موضوع تي تقرير ڪرڻ.
وغيره: ظ (ع) وڌيڪ- ۽ ٻيا.
وَفا: ث (ع) تڪميل (دوستي، واعدي وغيره جي). نڀاه. سات. خيرخواهي. وفاداري.
وَفا ڪرڻ: واعدو پورو ڪرڻ. نڀاه ڪرڻ. سات ڏيڻ. نمڪ حلالي ڪرڻ.

وَفادارُ: ص (ف) نمڪ حلال. توڙ تائين نڀاهيندڙ. وفا ڪندڙ. خيرخواه. مخلص.
وَفاداري: ث. نمڪ حلالي. خيرخواهي. اخلاص. نڀاه. سچائي.
وَفا شعارُ: ص. وفادار.
وَفائي: ث. وفا. نڀاه. خيرخواهي.
وَفاتَ: ث (ع) موت- اجل- قضا. فنا. رحلت- انتقال.
وَفات ڪرڻ: فوت ٿيڻ. انتقال ڪرڻ. گذاري وڃڻ.
وفاقُ: ذ (ع) گڏيل موافقت- صلح- اتفاق. صوبن جو اتحادي سرشتو.
وَفدُ: ذ (ع) ڪنهن خاص مقصد سان موڪليل جماعت.
وِڦلُ: ث. بڪ بڪ- بڪواس. اجايون ڳالهيون. ننڊ ۾ ڳالهائڻ- اوٽارو.
وِڦلڻُ: م. ٻُڪڻ- ڇپن ۾ ڳالهائڻ. پنهنجي منهن ڳالهائڻ. ٻَڪڻ- بڪوات ڪرڻ. اجايون ڳالهيون ڪرڻ. ننڊ ۾ ڳالهائڻ- اَٽرڪڻ.
وَقارُ: ذ (ع) سنجيدگي. بردباري. استقلال. شان شوڪت.
وَقائع: ذ (ع) خبرون- واقعات. حالات. لڙايون.
وَقائع نگارُ. وقائع نويس: ذ. اخبار نويس. نامه نگار.
وَقتُ: ذ (ع) عرصو. ايام- عهد- زمانو. موسم. وجهه. ٽائو- ويلو. ساعت. وارو- نوبت. دفعو- ڀيرو.
وَقتا ڦوقتا: ظ. وقت بوقت. هر وقت. ڪڏهن ڪڏهن.
وَقتائتو: ص. مهلائتو. پوري وقت تي.
وقت بي وقت: ظ. ڪڏهن ڪڏهن. ڪُمهلو.
وَقت ٽپائڻ: ڏکيو سکيو وقت گذارڻ. جهڙي تهڙي مهل ڪرڻ. اٽڪل سان ڪم جي پورائي ڪرڻ.
وَقتي: ص. عارضي- ٿوري وقت لاءِ.
وَقعَت: ث (ع) عزت- عظمت. ساک- اعتبار.
وَقفُ: ذ (ع) خدا جي نالي ڏنل شيء. عام ڀلي جي

لاءِ ڏنل چيز. ساهي- ٿورو دم.

وقف ڪرڻ: عام ڀلي لاءِ ڇڏڻ. قرآن شريف پڙهڻ ۾ خاص جاين تي بيهڻ.

وَقفو: ذ (ع) ترسڻ- قيام- بيهڪ. مهلت. ٿوري دير لاءِ ساهي.

وَقُوع: ذ (ع) ظاهر ٿيڻ. اظهار. واقعي جو اظهار.

وَقُوف: ذ (ع) واقفيت. خبر- ڄاڻ. عقل- شعور.

وَڪُ: ز. ڇيڙهُ. لڳلڳدار مادو. اٽي جو ڇيڙهُ.

وَڪالتَ: ث (ع) پنهنجو ڪم ٻئي جي حوالي ڪرڻ. ٻئي جي پاران ڳالهائڻ. وڪيل جو پيشو. ڪنهن مقدمي ۾ وڪيل هئڻ جي سَندَ.

وَڪالت ڪرڻ: ٻئي جي طرفان معاملي جي پيروي ڪرڻ.

وڪالت نامو: ذ. وڪيل هئڻ جي سندَ. اختياري. مختارنامو.

وِڪامَڻُ: م. فروخت ٿيڻ. مُلهه ٿيڻ. وڪرو ٿيڻ.

وِڪاڻلُ، وِڪَيلُ: ص. وڪرو ٿيل- فروخت ٿيل. سؤدو ٿيل- ڏنل.

وِڪِرُ: ذ (ع. فِڪر) ڳڻتي. انتظار- اوسيئڙو.

وِڪر وڃائڻ: اعمال وڃائڻ. وعدي خلافي ڪرڻ.

وِڪرو: ذ. فروخت. وڪاڻل مال جي قيمت. سؤدو- واپار. نيڪال (مال جو).

وَڪَڙُ: ذ. وَرُ- پيچ. ڏِنگ (رسي جو). موڙ. ڦيرو- چڪر.

وڪڙ وجهڻ: ڦيري واري ڳنڍ ڏيڻ. ڦاسائڻ لاءِ ڳنڍ ڏيڻ. پيچ پائڻ. ڦندي ۾ ڦاسائڻ.

وِڪَنو: ص. عاجز. هيڻو- بيوس. بيزار- ڪڪ. ڪهيل- ٿڪل. (ث. وِڪَنِي).

وِڪِئائِڻُ: م. وِڪرو ڪرائڻ. سؤدو ڪرائڻ.

وِڪَڻُ: م. وڪرو ڪرڻ. مُلهه تي ڏيڻ.

وَڪوڙَڻُ: م. گهيرڻ- گهيرو ڪرڻ. محاصرو ڪرڻ. ڦاسائڻ. ويڙهڻ- ليپٽڻ. قابو جهلڻ. پڪڙڻ.

وَڪِيلُ: ذ (ع) اهو ماڻهو جنهن جي حوالي پنهنجو ڪم ڪجي. ٻئي جي پاران ڳالهائيندڙ. عيوضي. عام مختار. وڪالت جو امتحان پاس ڪيل (جيڪو مقدمن ۾ وڪالت ڪري).

وڪيل ڪرڻ: پنهنجي پاران قانوني طور مقدمي جي پيروي لاءِ وڪيل مقرر ڪرڻ.

وِکَ: ث. هلڻ وقت ٻنهي پيرن جي وچ وارو مفاصلو- قدم.

وِکَ کڻڻ: تکڙو هلڻ. قدم کڻڻ. پير پرڻ.

وک وڌائڻ: پير کڻڻ- تکڙو هلڻ. تعلقات وڌائڻ.

وِکُ: ذ (سن. وِش) زهر- وِهُ. (ص) ڪارو- تمام ڪارو.

وکارَ: ث. گدام- ڪوٺي. مال رکڻ جو پاندو.

وکَرُ: ذ. سوداگري جو سامان. هٽ جو سامان. سودو. ٻُکي.

وکر وِهائڻ: وڻج واپار ڪرڻ. سودو ڪرڻ.

وِکرَڻُ: م. ڇڙوڇڙ ٿيڻ. پکڙجڻ- منتشر ٿيڻ. ٽڙڻ پکڙڻ.

وکو: ذ. گوشت تي مٿان چڙهيل پڙدو- ڇيڇڙو.

وکا پڌرا ٿيڻ: ڳجهه ظاهر ٿيڻ. اعمال ظاهر ٿيڻ. پول پڌرا ٿيڻ. راز فاش ٿيڻ.

وِکيرَڻُ: م. پکيڙڻ. ڇڙوڇڙ ڪرڻ. کنديرڻ.

وِگيانُ: ذ (سن) علم. ڄاڻ. ڪنهن خاص مضمون جي پوري ڄاڻ. علميت.

وڳُ: ذ. اُٺن جو گلو- اٺن جي قطار.

وڳ وارڻ: اُٺن جو گلو ڪاهڻ. قطار ڪاهڻ.

وڳرُ: ذ. ٿڻ (مال جو). وڳُ (اٺن جو). ولر (پکين

جو). ٽولو. سَٿ- جماعت. اولاد- ڪٽنب- ڪُڙم. عيال.
وَڳڙو: ذ. (رات جو) وقت. اوندهہ. ڪُمهل. بيگاه وقت.
وَڳنڊُ: ذ. گهڻو گوڙ ڪندڙ. گهڻو هلندڙ.
وِڳنڊُ: ث (سن) بدبُو- بانس- ڌپ. (ص) بي اصالو- ميروگندو. (ذ) شاه لطيف رحہ جو هڪ مريد فقير.
وَڳنڊِي: ث. ڪم- مشغولي- مصروفيت. ڪم ڪار. پورهيو.
وَڳڻُ: م. هلڻ- هلندو وتڻ. رلڻ. هاج ڪرڻ. هُل ڪرڻ- جنگ جهيڙو ڪرڻ.
وڳو: ذ. ڪپڙا- ڪپڙن جو جوڙو. پوشاڪ.
وڳو ڍڪائڻ: ڪپڙا پهرائڻ. تحفي طور وڳو ڏيڻ. سروپا ڏيڻ.
وِڳوڙُ: ذ. ڏڦيڙ- ڦيٽارو. فساد. هل گوڙ. مانڌاڻ. مونجهارو. گڙٻڙ. بغاوت. هلچل. انڌ ڌنڌ.
وِڳهہ ڪوٽُ: ذ. سومرن جي صاحبيءَ ۾ سنڌ جو تختگاه وارو شهر.
وِگهارَڻُ: م. پگهارڻ- رِجائڻ.
وِگهي: ظ. جي سبب- جي ڪري- جي ڪارڻ. جي اثر ڪري.
وَڱرُ: ذ. ڪٽ ڪيل ڍڳو وغيره (جنهن ۾ اجا وَهُر جي سگهہ موجود هجي). ٿلهو متارو ڍور (سانُ، وَهڙو).
وَلِ: ث. اهو ٻوٽو جيڪو زمين تي پکڙي يا وڻ ۽ جاءِ تي چڙهي. لابارو ڪري هڪ هنڌ گڏ ڪري رکيل سنگ.
وَلِ ٻُوٽا: ذ. گل ڦل- چٽ گل (جيڪي ڪپڙي، ڪاغذ، ڪاٺ يا پٿر تي ناهجن).
وِلادَتَ: ث (ع) پيدائش- جنم- ڄم.
وِلاڙَ: ث. ڳولا- جهنگ ۾ ڳولا لاءِ جهوٽ.. چال- ٽپ.
وِلاڙَڻُ: م. ٻوڙڻ- ٻوڙون پائڻ. جهنگ ۾ ٻوڙون پائي جهوٽون ڏيڻ.

ولائِتَ، ولايَتَ: ث (ع) مالڪي. حڪومت. بادشاهت- سلطنت. خداتعاليٰ سان قربت.
ولائتي، ولايَتِي: ص. ولايت جو. غيرملڪي. مغربي.
وَلَدُ: ذ (ع) پُٽ- پسر.
وَلدالزنا: ص. حرامي ٻارُ.
وَلديَتَ: ث (ع) پيءُ جو نالو. خاندان.
وَلِ ڦاٽُورو: ذ. هڪ قسم جو پسارڪو وکر.
وَلڙُ: ذ. ٽولو. ميڙ. وڳر. جانورن جو ميڙ. پکين جو جُهنڊ.
وِلڙَڻُ: م. وِڦلڻ.
وِلِلَ: ث. وِڦِلَ- بڪ بڪ.
وِلِلَ ڪرڻ: وڦلڻ. بيماريءَ ۾ ڳالهائڻ.
وِللڻُ: م. ولڙڻ. وڦلڻ. بڪ ڪرڻ. اجايو ڳالهائڻ.
وَلڻُ: م. کوٽڻ. زمين اُٿلائڻ. گڏ ڪيڻ. زمين مان جهنگ ڪڍي پوک لائق بنائڻ.
وَلو: ذ. گهمرو- ڦيرو. وڪڙ- موڙُ.
وَلو پوڻ: پيٽ ۾ گهمرو پوڻ.
وَلو ڏيڻ: گهمرو ڏيڻ- ڦيرو ڏيڻ. تلاش ڪرڻ.
وِلوڙَ: ث. گهمرو. وڪڙ. سُورَ جي سُوٽ. کيرَ کي جُهڪ.
وِلوڙَڻُ: م. کير يا ڏهي ۾ مانڌاڻي گهمائڻ- جُهڪڻ. جهڪورڻ.
وِلوڙو: ذ. جُهڪَ (کير کي)- وِلوڙَ. پيٽ ۾ سُورَ جي سُوٽَ- گهُمرو. مانڌاڻ- هنگامو.
وَلوَلو: ذ (ع) جوش. امنگ. شوق. اُتساهہ.
وَلولہ انگيز: ص. جوش پيدا ڪندڙ.
وِلهہ: ث. ٿڌ- ٿڌي هوا. ڳِهمَ.
وَلِهارُ: ذ. گاهہ وارو ميدان. گاهہ ۽ وٽڪار واري جُوءِ. چراگاه- وِيُ.
وَلهو: ذ. مڙس- گهوٽ- ڀتار.
وِلهو: ص. ٿلهو- سُيو- سگهو. ڪنگال. چڙوچاند.

نڊڙڪو. (ث. وِلهي).

وَلهوٽُ: ذ. ھِنياءَ ۾ سُور جو وَٽ. پيٽ ۾ سُور جو وَڪڙ.

وَلِي: ذ (ع) مالڪ- آقا. سرپرست. دوست. خدا جو خاص بندو. درويش. عابد- زاهد. عارف.

وَلي الله: ذ. خدا جو پيارو بندو. عابد. خداوارو.

وَلي عَهد: ص. وقت جو حاڪم. بادشاه جو جاءِ نشين.

وَليمو: ذ (ف) نڪاح کان پوءِ گهوٽ جي طرفان مانيءَ جي دعوت.

وَمُ: ذ. درياءَ. سمنڊ- بحر. (ظرف) 'وِ متان' جو مخفف.

وِماسَ: ث. ڳڻتي- جهوري. اونَ- اوسيڙو. انديشو.

وِماسَجڻُ: م. ڳڻتيءَ ۾ پوڻ. افسوس ڪرڻ- ڏک ڪرڻ. هيڻو ٿيڻ. ڏکوئجڻ. حيران ٿيڻ.

وِماڻَ: ث. ديوتائن جي سواريءَ لاءِ رٿ يا گاڏي. اڏام کٽولي.

وَڻُ: ذ (سن. ورن) رنگ- ورن.

وَناسپتي، وناسپتي: ض. وڻ ٽڻ يا گاهه ٻوٽا.

وِيناڻُ: ذ. وڄت جو ساز. ڪوبہ تارُن وارو ساز (سُرندو، ڪينرو وغيره).

وَناهُ، وَنواهه: ذ. شاديءَ جي هڪ رسم (جنهن ۾ ڪنوار کي پرڻي لاءِ ستن ڏينهن تائين اڪيون ٻڌي خلوت ۾ وهارين ۽ تيل ۽ اُبٽڻ جي مالش ڪن. ڪن هنڌن تي گهوٽ کي بہ وناهه ۾ وهارين).

وِنجڻو: ذ. هوا هڻڻ لاءِ دستي پکو- وجڻو. (ث. وِنجڻي).

وَنجهہ: ذ. ٽانگهي ٻاليءَ ۾ ٻيڙيءَ کي ڌڪڻ لاءِ ڊگهو بانس. بانس جي ڇڙ. ٻارين راند ۾ وچ وارو حصو جنهن ۾ فقط راند جو اڳواڻ ڪاپاٽي سگهي.

وَنجهلِي: ث. بانسري- بِينَ. مُرلي.

وَنجهوَڪِي: ث. ٻارين يا درين راند.

وَنجهوپڙهہ: ذ. "زنجبار" (آفريڪا) جو ملڪ (جتان "حبشي" غلام ڪري آندا ويا هئا). گهاٽو جهنگ- گجگاه ٻيلو.

وَنجهِي: ث. واهي- ڪَسِي- نالي (واهه مان ٻنيءَ کي پاڻي ڏيڻ لاءِ).

وَندُ: ص (ف) صفاتي پڇاڙي طور ڪم ايندڙ لفظ (جڻن صورتوند، حسن وند وغيره).

وِندَرَ، وِندُرَ: ث. مشغولي. پورهيو. راند روند. سير- تفريح- تماشو. وروُنهہ.

وِندرُ: ذ. لس ٻيلي جو هڪ نئين جو نالو.

وِندرُ وورڻ: (سسئي پنهون جي قصي جي حوالي سان) جبل جهاڳڻ- ڪشالا ڪڍڻ.

وِندرائِڻُ: م. دل خوش ڪرڻ. سير وغيره ڪرڻ. راند روند ڪرائڻ. پرچائڻ.

وِندرَڻُ: م. راند روند ڪرڻ- تفريح ڪرڻ. مشغولي ۾ رهڻ.

وِنڌَ: ث. موتي مڻيي ۾ سوراخ ڪرڻ جو ڪم. وري وري چوڻ- ٻَڪَ- وِڦل.

وِنڌِجَڻُ: م. سوراخ ٿيڻ (موتي، هيري، مڻيي ۾). وري وري ذڪر ٿيڻ.

وِنڌَڻُ: م. سوراخ ڪرڻ (موتي يا ٻئي ڪنهن قيمتي ٻڙي ۾). وري وري چوڻ- اجائي پچار ڪرڻ. ٻڪ ٻڪ ڪرڻ.

وَنڊَ: ث. ورهاست- تقسيم- ورڇ. ٽوڙي.

وَنڊَ اُپتَ: ث. اهو انگ جيڪو ڪنهن انگ کي ونڊ ڪرڻ سان حاصل ٿئي.

وَنڊِجَڻُ: م. ورهاست ٿيڻ. ڀاڱا ٿيڻ- پتيون ٿيڻ. ونڊ ٿيڻ.

وَنڊِڻي: ث. اهو انگ جنهن تي ٻيو انگ ونڊ ٿي سگهي.

وَنڊيرُ: ص. ونڊي ۾ ڀائيوار- پتيار. هڪ ذات جو نالو.

وَنڊِي: ث. حصو- پتي- ڀاڱو. ورڇ ۾ آيل پتي.

وَنس؛ ذ (سن. بنس) شجرو- پيڙهي- نسل. گهراڻو- خاندان.

وَنڪو؛ ص. بانڪو- بهادر- سورهيه.

وَنگَ؛ ث. محراب- دروازي جي مٿان اڌيل ڪمانَ.

وَنگُ؛ ذ. ڳئون يا مينهن کي ڏهڻ وقت پڇاڙيءَ وارين ٽنگن ۾ ٻڌڻ جي رسي- ڍَنگُ. کُوهه جي تر ۾ رکيل ڪاٺ جو گول چَڪُ (جنهن تي کوهه جي پٽ ڪجندي). نار جي ياٺديءَ جي هڪ ڪاٺي. درياهه جو ڍورو- واهڙ.

ونگ وجهڻ؛ وڪڙ وجهڻ- قابو ڪرڻ. اٽڪل سان ڦاسائڻ.

وِنگُ؛ ذ. ڏِنگ- ڪُٻُ. نقص- عيب- وِڏ.

وِنگڙو؛ ص. ڏِنگو- ڪُٻو. ڇِبو. وروڪڙ وارو. (ث. وِنگڙي).

وَنگارَ؛ ث. بيگار- بيگر. چيڙ- آبت.

ونگارَ وهڻ؛ همراهي ڪرڻ- مدد ڪرڻ. ڪم ۾ مدد ڪرڻ.

وِنگائِي؛ ث. ڏِنگُ- ڏنگائي. ڦير.

وِنگڙو؛ ص. ونگو- ڏِنگو. وروڪڙ وارو. (ث. وِنگڙي).

وَنگڙي؛ ث. نار يا هرلي ۾ ياندیءَ جي ڏنگي ڪاٺي يا ڦرهي.

وَنگڻُ؛ م. ونگ وجهڻ- رسي سان قابو ڪرڻ. وڪڙ واري ڳنڍِ ڏيڻ. چوپائيءَ کي ڏهائي وقت ٽنگن ۾ ڍنگ وجهڻ.

وَنگو؛ ذ. هڪ قسم جو اوبڙ (وَلِ ۾ ٿئي)- ريبڙ.

وِنگو؛ ص. ڏِنگو- ڦِڏو. وريل- مُڙيل. (ث. وِنگي).

وَنو؛ ذ. گهوٽ- ٻَنو. مڙس.

وَنواهُ، وَنهُ؛ ذ. وَناهه (شاديءَ جي هڪ رسم).

وَنڻُ؛ ذ. ڪپهه جو ٻُوٽو.

وَنڻائِي؛ ث. ونڻ جي ٻُوٽي جي ڪاٺي.

وَنڻون؛ امر. وڃ. پري ٿي.

وَنڻون وڃڻ؛ ڏور رهڻ- پري ڀڄڻ. ٽهڻ.

وَنهيو؛ ص. ساڻو- ڀاول. خوشحال. سکيو- آسودو. تونگر.

وَنِي؛ ث. ڪنوار- ٻني.

وَڻُ؛ ذ. درخت- شجر.

وَڻ ٽِڻُ؛ ذ. وڻ ۽ ٻوٽا. ننڍڙن وڻن ٻوٽن وارو جهنگ. وڻڪار.

وَڻَ ڀَڪو؛ ذ. وڻ جو پڪل (ميوو)- شاخ.

وڻ وڄائڻ؛ لاجواب ڪرڻ. ڪارنامو ڪرڻ.

وِڻاندِ؛ ث. ڦِيٽاڙو- ڏڦيڙ. انبٿت- وير وُروڌ.

وَڻِجُ؛ ذ. تجارت- سوداگري- واپار. واپار جو مال- سودو.

وَڻجارو؛ ذ. سوداگر- تجار.

وڻج وِهائڻ؛ خريد ڪرڻ- سودو. گهري وٺڻ.

وڻاءُ، وِڻاهُ؛ ذ. نقصان- هاڃو. انبٿت. جوکو. جهيڙو.

وِڻاءُ وجهڻ؛ جهيڙو وجهڻ. دشمني ڪرڻ. ڦڏو وجهڻ. رنڊڪ وجهڻ.

وَڻائِڻُ؛ م. پسند ڪرائڻ. چُونڊڻ.

وَڻتَ؛ ث. پسندي- مرضي. خيال. چاهه.

وَڻجَڻُ؛ م. مال خريدڻ. مُلهه وٺڻ. وڻج واپار ڪرڻ.

وَڻِراهَ؛ ث. وڻ ٽِڻ. گهاٽن وڻن واري جُوءِ. وڻڪارَ. وسندي.

وَڻِڪَ؛ ث (سن. ونڪ) رنگ. نمونو- جنس.

وَڻِڪارَ؛ ث. وڻن واري جُوءِ. وڻن جي ٿڏي ڇانءَ. وڻراهه.

وَڻندڙ؛ ص. پسند ايندڙ. ڀانءِ پوندڙ. دل کي وڻندڙ.

وَڻندِي؛ ث. پسندي. مرضي- رضا. خواهش.

وَڻڻُ؛ م. پسند اچڻ. ڀانئڻ. مرضي ٿيڻ. دل کي لڳڻ.

وَڻي ڪاٽڻ؛ پاڻ ۾ ونڊي ورڇي ڪاٽڻ- نبيرو ڪرڻ.

وِڻو؛ ذ. گهاءُ- زخم. ويڻ- طعنو. پاراتو.

وَڻَ ويڙهي؛ ث. هڪ قسم جي ول (جيڪا وڻن تي چڙهي وڻن کي سُڪائي ڇڏيندي آهي)- بي پاڙي.

وَڻِي؛ ث. ننڍين وڻن جو جهڳٽو.

وِٺواندُ، ص. طعنا مهڻا ڏيندڙ. گلا خور. وِچ ويڙهائو. بدزبان. جهيڙو اٿڪائيندڙ. خوار خراب.

ووءِ ندا. او- اڙي! (سڏڻ جو آواز).

وِواههُ، ذ (سن) وهانءُ- شادي.

ووٽُ، ذ (انگ) راءِ. سياسي ۽ سماجي مسئلن ۾ راءِ جو اظهار.

وَوڙ، ث. وڇايل شيءِ جي ڳولا- وڙول.

وَوڙڻُ، م. ڳولا ڪرڻ. وڇايل شيءِ جي اوري پري ڳولا ڪرڻ.

وَوڻُ، ذ. ڪپهه جو ٻوٽو.

وَوڻاڻيُون، ث. فصل لهڻ بعد ووڻن جون سڪل ڪاٺيون.

ووءِ ووءِ، ث. هاءِ هاءِ! ڏک جي دانهن.

وِويڪُ، ذ (سن) اندر وارو- ضمير- مَنُ.

وَهُ، ندا (ف) واهُ! شاباس!

وَهه وهه، ث. تعريف جا لفظ. واهه واهه! شاباس!

وَههُ، ث. چربي. گوشت جو سٿپ. هڏي جي مِکَ.

وَههُ، ذ. وهڪرو (پاڻيءَ جو). تيزي- تِکَ. جوش- امنگ. طاقت- زور. شوق- ڪاڏو- چِڪَ. درياهه جي سِيرَ- سمنڊ جي تِکَ.

وِههُ، ذ (سن. وِش) زهر- وِک- سَمُ. تمام ڪڙي شيءِ.

وِههُ وجهڻ، زهر وجهڻ. بنياد وجهڻ (جهيڙي جو). بُرائي ڪرڻ.

وِهه جي ڳنڍ، ص. فسادي- جهيڙو وجهائيندڙ.

وَهابُ، ص (ع) گهڻو بخشيندڙ. خداتعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

وِهائڻُ، م. وِهه ڏيڻ- زهر ڏيڻ. نهوڙڻ. بيهوش ڪرڻ. نشو ڏئي خمار ۾ آڻڻ.

وِهارُ، ذ (سن) ٻڌ ڌرم جو عبادت گاهه.

وِهارڻُ، م. هڪڙي هنڌ قائم ڪرڻ- ڪوڙڻ. کُپائڻ. سکونت ڏيڻ. آرو ڪرائڻ. لڳائڻ (ڪم تي). وهاري ڪارائڻ.

وهاري ڇڏڻ، زوري وهارڻ. حوصلي مان ڪڍڻ. ڪيرائڻ (مقابلي ۾). سخت نقصان پهچائڻ. شڪست ڏيڻ. انتظار ڪرائڻ. بيڪار ڪرڻ.

وَهارُو، ص. واهر ڪندڙ- واهرو.

وِهاڳُ، ذ (سن) فراق- وڇوڙو. وڇوڙي جو غم. ويراڳ. هڪ راڳڻي جو نالو (جيڪا پرڀات جو ڳائي وڃي).

وِهامَڻُ، م. گذري وڃڻ (وقت، رات).

وِهانءُ، ذ (سن. وواهه) شادي- پرڻو- عقد.

وِهاڻو، ذ. سمهڻ وقت ڪنڌ يا مٿي هيٺان رکڻ جو تکيو- سِراڻو.

وِهاڻي، ث. پرهه ڦٽي- پرڀات- فجر.

وَهائڻُ، م. پاڻي جاري ڪرڻ (ٻني وغيره ۾). وهٽ (ڪي هر ڦار يا گاڏي گهائي ۾) هلائڻ. جوٽڻ (هرن ۾). ڳهائڻ (ڪم ۾). ذبح ڪرڻ (سِيرَ وهائڻ).

وهائي ڇڏڻ، هلندڙ پاڻيءَ ۾ ڇڏڻ. جاري ڪرڻ- کولڻ (پاڻي). سستي شيءِ مهانگي اگهه ۾ ڏيڻ. دوکو ڏيڻ- ٺڳڻ.

وِهائڻ، م. گذارڻ- لنگهائڻ. گذارڻ (رات). وقت پورو ڪرڻ. ملهه وٺڻ- خريدڻ- سَودڻ- وٺجڻ.

وِهائو، ص. خريدار- سوداگر. (ذ) صبح وارو تارو "وهائو تارو"- عطارد.

وِهائي، ث. اوتر تي ورتل اَنُ. ڪٽت- اوتر. هڪڙي ويلي جو اَنُ. رزق (ٻار ننڍ ۾ ڪلندو ته چوندا ته وِهائي تي ڪلائي).

وَهَبُ، ذ (ع) بخشش- عطا. سَخا.

وَهبي، ص. خدا جو ڏنل يا عطا ڪيل (علم، ڏات).

وَهِٽُ، ذ. سواري يا بار پريءَ ۾ ڪم ايندڙ جانور (گهوڙو، گڏهه، ڏگو). ڍور- چوپايو جانور.

وَهِٽ وانو، ذ. ڍور ڍڳو. ڳهوڙو اُٺ.
وِهِٽَ، ث. ڪَڇ- ماپ (ڪپڙي جي). رٽ- اٽڪل.
وِهٽ ڪرڻ، ڪڇ ماپ ڪرڻ. تور تڪ ڪرڻ. ڳڻ ڳوٽ ڪرڻ. رِٽ ڪرڻ.
وِهٽَڻُ، م. ڪڇ ڪرڻ- ماپ ڪرڻ (ڪپڙا). وِڍڻ- ڪترڻ (ڪپڙو ماپ مطابق).
وِهِيائِڻُ، م. وِينجهارڻ- ويچارڻ. معنيٰ پروڙڻ- مطلب ڪڍڻ (ڳجهارت جو). منجهيل مسئلي جو حل ڪڍڻ- سلجهائڻ.
وَهَرَ، ث. واهر- مدد.
وَهُرَ، ث. چوپائي (ڳئون، مينهن وغيره) ۾ ڦرجڻ جي چِڪَ.
وَهُرَ ڪڻڻ، لڳ جو خيال ٿيڻ. شهوت ٿيڻ.
وَهُرِجڻ، م. چوپائيءَ ۾ لڳ جي سَدَ ٿيڻ. ڦرجڻ جي چِڪَ ٿيڻ.
وِهَرَ، ث. سارين جي ٻج جو رونبو- ويراج.
وِهراجُ، ذ. وِهرَ- رونبو.
وِهَرڻُ، م. سارين جي ٻج جو رونبو ڪرڻ.
وَهَڙو، وَهُڙو، ذ. ننڍي عمر جو ڏاند. جُوان ڳابو. (ص) سٽروٽر- ٿلهو متارو. (وهُڙي).
وِهسَڻُ، م. کلڻ- مشڪڻ. خوش ٿيڻ- سَرهو ٿيڻ. آرام حاصل ڪرڻ- سک پسڻ. مزو وٺڻ.
وَهُڪَ، ث. پاڻي جو وهڪرو. تِک- تيزي (پاڻي جي).
وِهَڪَ، ث. ويهڻ جو عمل- ويهڪَ. ويٺڪ- وهٽي.
وَهُڪرو، ذ. پاڻيءَ جو وَهُ. پاڻيءَ جي رفتار- رَواني.
وِهڪَڻُ، م. چوپائيءَ جو کير سُڪائي وجڻ- وهڪي وجڻ.
وِهڪيل، ص. اُها ڍڳي يا مينهن جنهن جو کير گهٽجي وڃي.
وِهلَڻُ، م. ويڪرو ٿيڻ. پکڙجڻ. وڌڻ (جسم). ٿلهو متارو ٿيڻ.
وَهلو، ظ. جلد- تُرت- تکڙو- سُتت. (ث. وَهلي).
وَهلور، ص. ويڳاڻو- آزردو. اُداس. بيزار. هٽ ڇُهڻ کان پري.
وَهِلور وڃڻ، وَنشون وڃڻ. پري ٿيڻ. ورچڻ. چڙ ۽ بيزاريءَ مان پاسو ڪرڻ.
وَهَمُ، ذ (ع) گمان- شڪ. ڊپ- خوف. انديشو.
وَهِمي، ص. ڀرمي. خيالي. وِسوسيو.
وِهنجارَڻُ، م. غسل ڪرائڻ. غسل ڏيڻ. تڙ ڪرائڻ.
وَهنجَڻُ، م. تڙ ڪرڻ. غسل ڪرڻ. مٿو يا لِڱَ ڌوئڻ.
وَهندڙ، ص. هلندڙ- روان- جاري.
وهندڙ پاڻي، ذ. هلندڙ وقت- چالو زمانو. وقت جي رفتار. هلي چلي.
وَهنوارُ، ذ. ڏيتي ليتي. ڏنو ورتو. هلت چلت. هڪ ٻئي کي ڏيٺي وٺي بيباق ڪيل حساب. برابر (حساب ڪتاب ۾).
وهنوار ڪرڻ، سوُدي جي ڏيتي ليتي ڪرڻ. حساب ڪتاب چڪتو ڪرڻ- لت پت ٿيڻ. سوُدو ڪرڻ.
وَهَڻُ، م. جاري ٿيڻ (پاڻي، رستو). روان ٿيڻ (اوزار هٿيار). ڳهڻ- پورهيو ڪرڻ. لنگهڻ- گُذرڻ. لڳڻ (هوا).
وَهَڻُ، ذ. واهڻ- ڳوٺ.
وَهَڻائِي، ص. ڳوناڻو- دهقاني.
وِهَڻُ، م. ويهڻ. ويهي رهڻ- ترسڻ- ٽِڪڻ.
وِهِٽِي، ث. ويهڻ جو نمونو. ويهڪ.
وَهُو، ث. زال- گهرواري. عورت.
وَهُو، ص. وهندڙ (وهٽ)- سکيل.
وَهُو ڪرڻ، ڪنهن وهٽ کي ڪم ۾ وهائڻ کان اڳ ڪيڙَ ڏيڻ- سيکارڻ.
وَهَولَ، ث. دهل جي هڪ وجت. دهل جي وجت تي

ناچ جو تارُ.

وَهِي: ث. عمر- جمار. دڪاندار جي ليکي چوڪي جو ڪتاب.

وَهِي چڙهڻ: وڏي عمر ٿيڻ. جوانيءَ کان هٽڻ.

وَهيلو: ص. وس وارو- بااختيار. (ث. وهيٺي)

وَهيو: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (جيڪو سرءَ جي موسم ۾ سنڌ ۾ لهي).

وَئراڄُ، وَيراڄُ: ذ. زمين ۾ هٽ سان بيجو هڻڻ (خاص ڪري ساريون، بصر، بکر وغيره). سارين جو رونبو.

وَئشا: ث (سن) بدپيشي عورت- رنڊي- ڪسبياڻي.

وِيءَ: ذ. چراگاه. رَکَ ڪيل سائي جُوءِ (جتي مال چرڻ لاءِ ڇڏجي).

وِياڄُ: ذ. سُود- وَٽو. نفعو- فائدو (قرض تي). اوڌر تي ڪنيل مال جو وياڄ.

وياڄ خورُ: ص. وياڄ تي قرض ڏيندڙ- سُود خور.

وِياچَڻُ: م. واچڻ- مطالعو ڪرڻ. پڙهڻ- اورڻ.

وِياڪَرڻُ: ذ (سن) صرف نحو- گرامر.

وِياڪُل: ص (سن) حيران- پريشان. بيچين. گهبرايل. بيقرار.

وِياکِيانُ: ذ (سن) تقرير- ليڪچر. واعظ.

وِيامَڻُ: م. ويم ٿيڻ- ڄڻڻ- ٻچو ڏيڻ.

وِياه: ذ. اولاد- ٻَڄ- نسل. ڪُڙم- ڪٽنب- آکهه.

ويتر: ظ. اجان ٻر- گهڻو- وڌيڪ- زياده.

ويٽو: ذ (انگ) گولائي ۾ ويڙهيل ويڙهو.

ويٺلُ: ص. ويهي رهيل. ڪريل. جُهڪيل (زمين، پيٽ، وغيره).

ويٺو: ص. ويٺل. ويهي رهيو.

ويٺو رهڻ: گهڻيءَ دير تائين ويهڻ. انتظار ڪرڻ. واندو هجڻ. بيروزگار هئڻ.

ويٺي ويٺي: ظ. اوچتو- فورا- يڪدم.

ويڄُ: ذ (سن. ويد) طبيب- علاج ڪندڙ.

ويجهہَ: ث. واڌ. برڪت. گهڻائي. اولاد ۾ واڌارو.

ويجهائي: ث. اوڏڙائي. عزازت.

وَيجهَڙ: ث. ويجهائي- اوڏڙائي. قرابت.

ويجهو: ظ. نزديڪ- قريب. (ث. ويجهي).

ويجهي ڇَڪَ: ث. آسپاس. اوڏڙائي.

وِچارُ: ذ (سن) عقل يا سوچ جو استعمال. سوچ. خيال. ڌيان. غور- فڪر. ڳڻتي. انديشو- شڪ. اندازو- اٽڪل.

وچارا: ذ. شڪل ناهي نقل ڪرڻ.

وچارا ڏيڻ: اهل ڪرڻ- نقل ڪرڻ. چهرا ڏيڻ.

وِچارڻُ: م. سوچڻ- غور ڪرڻ. سمجهڻ. دوراندیشي ڪرڻ. غور فڪر ڪرڻ. سوچ ويچار ڪرڻ.

ويچارو: ص (ف. بي چاره) بي وسيلو- بيواهو. محتاج- مفلس. لاچار- بي وس. ٻالو ٻولو.

ويچُوٿو: ص. وچ وارو- ٺياڪر. امين- ثالث. دلال. قاصد. سڱاوتي ڪرائيندڙ.

ويڇو: ذ. وٿي- دوري. سنڌو- دنگ. فرق- تفاوت. علحدگي. وڇوٽي.

ويڇو وِجهڻ: جدا ڪرڻ. فرق ڪرڻ. نفاق وجهڻ.

ويڇَڙو: ص. بدانمالي- بدلچڻ. ٻهر ڦيري. رولاڪ.

ويڇي: ث. وٿي. سنڌو. وارڪائي- واندڪائي.

وَيدَ: ذ (سن) هندن جا چار ڌرمي ڪتاب (رگ ويد، سام ويد، بحر ويد، اٿر ويد).

وَيدُ: ذ (سن) طبيب- علاج ڪندڙ- ويڄ.

ويدانتَ: ث (سن) هندو مت ۾ 'الک' جي ايڪائي، ۽ ان سان لَئُون لائڻ جو فلسفو.

ويڏ: ث. زخم- گهاءُ.

ويڏڻ: ث. تڪليف- آزار- پيڙا. بيماري- روڳ- مرض. مصيبت. ظلم- قهر.

ويرَ: ث (سن. ويلا) وقت- مهل. دير- تاخير. وارو- دفعو- پيرو.

ويران ويرَ: ظ. جڏهن پوءِ تڏهن (وڌ).

ويرُ: ذ (سن) دشمني- عداوت. بدلو. بغض- حسد.

ويرَ وٺُو: ص. بدلو وٺندڙ. انتقام وٺندڙ.

ويري: ص. دشمن. مَٽ گهرُو. (ويرياڻي).

وِيرَ: ث. چنڊ جي ڪشش سبب سمنڊ ۾ پاڻيءَ جو چاڙهه (جيڪو هر روز ٿئي، پر چنڊ جي چوڏهين ۽ اناويهين رات تي وڏي وير چڙهي). اُٿل. وڏي اُٿل.

ويروتار. ويرئون تار: ظ. مٿي کان ٻه مٿي (پاڻي)- ساموندي ويرَ جي چاڙهه کان ٻه گهڻو (پاڻي). ڪنان تار. تمام گهڻو- بي انداز.

ويرُ: ذ (سن) دلير- سورهيه- بهادر- سورمو. همزاد- جِنُ (جيڪو ٻئي کي نقصان پهچائڻ لاءِ جادوگر جي قبضي ۾ هجي).

ويرمُٺ: ث. ٻئي کي جادو ذريعي مارڻ جو هڪ داءُ.

وَيراڳُ: ذ. ڏهاڳ. وڇوڙو- جدائي. ترڪ (آسائش، آرام وغيره). دنيوي خواهش کان بي تعلقي. لاڳاپا لاهڻ. نفرت- ڪراهت. جوڳ.

ويراڳ وٺڻ: دنيا کي ترڪ ڪرڻ. نفساني خواهشون ڇڏڻ. گوشي نشيني اختيار ڪرڻ.

ويراڳڻ: ث. لوه يا ڪاٺي مان نهيل ننڍڙو صليب جنهن تي جوڳي ٻانهون رکي ٽيڪ ڏين. اُها ڪاٺيءَ جي ٽيڪ جيڪا ويراڳي ڌيان ڀڃائڻ وقت پيشاني هيٺان ڏين.

ويراڳي: ص. ويراڳ ورتل. وڇوڙي جو ماريل. دنيا کي ترڪ ڪيل. تارڪ. تپسي- جوڳي. هندو ساڌو فقيرن جو هڪ فرقو.

وَيرانُ. وِيرانُ: ص (ف) اُجڙيل- برباد. سُڃ.

ويران ڪرڻ: تباه ڪرڻ- برباد ڪرڻ. اُجاڙڻ.

ويرانو: ذ. غيرآباد هنڌ- سُڃ.

ويراني: ث. بربادي- تباهي. سُڃ.

ويرتا: ث (سن) بهادري- سورهيائي- شجاعت.

ويرَمَ: ث. وقت- مهل- ويلَ. ٿورو وقت. دير.

ويرو: ذ. ويرَ- دير- مهل. وقت- ٽائو.

ويري: ث. پاڻي جي ننڍڙي ڪڏڙي.

ويڙهه: ث. لڙائي- جنگ. جهيڙو. تڪرار.

ويڙهاڪُ: ص. وڙهندڙ. سورهيه- جنگجو. جهيڙائي.

ويڙهاند: ث. جنگ- لڙائي.

ويڙهُو: ص. وڙهندڙ- لڙاڪُو. جهيڙاڪار.

ويڙهُ: ذ. جهنگ- گهاٽو جهنگ. گهاٽن وڻن واري جُوءِ. هڪ قسم جي مُنڊي (ويڙهه مُنڊي).

ويڙهيچو: ص. جهنگ جو رهاڪُو. جهانگي. ساڳئي ويڙهي ۾ رهندڙ.

ويڙهائڻُ: م. لڙائڻ- لڙائي ڪرائڻ. جهيڙو ڪرائڻ.

ويڙهڻ: م. ليٽڻ- وڪوڙڻ. سميٽڻ (سامان سڙو).

ويڙهو: ذ. چوٽاري لوڙهي ۾ آيل گهرن جو مجموعو (جن ۾ فقط ويجها مٽ مائٽ رهن). هڪڙي ڪٽنب يا خاندان جو پاڙو. لوڙهي سان بند ٿيل ڪاڪوس. سٽ وغيره جو ڍيرو.

ويڙهي: ث. سٽ، ڏاس، واڻ وغيره جي ڍيري.

ويسُ: ذ. پوشاڪ- لباس. وڳو.

ويس بدلڻ: وڳو مٽائڻ- ڪپڙا بدلائڻ. شڪل مٽائڻ- رُوپ بدلائڻ. بهرُوپ ڪرڻ.

ويس ڌاري: ص. روپ بدلايل. سانگ ڪندڙ- ڪردار- اڪٽر.

ويسارو: ذ. ويسر- نسيان. ڀُل. وسري وڃڻ جي

بيماري. (ص) وساري ڇڏيندڙ. ويسر ڪاڻو. جنهن کي ويسر جي بيماري هجي. بي پرواهه.

ويساڪُ: ذ. سنبت سنه جو ٻيو مهينو.

ويساند: ث. ساهي- ويساهي. آرام. ڍاپو. فرصت.

ويساهُ: ذ. اعتبار- يقين- ڀروسو. عقيدو- ايمان.

ويساهه گهاتي: ث. واعدو ڪري ڦري ويندڙ. دولاب- ترڪٽ. بي ايماني- ٺڳي- ڪپت.

ويساهه وڃائڻ: پت ڪار پڃڻ. وعدي خلافي ڪري پاڻ کي ڏنو ڪرڻ. دغابازي ڪرڻ. ويساهه گهاتي ڪرڻ.

ويساهي، ويساهِي: ث. ٿوري دير لاءِ ساهي. فرصت- واندڪائي. آرام- فرحت.

ويسَرَ: ث. ڀُل- چُڪ- غلطي. غفلت. نِسيان.

ويسرو: ويسر وارو. غافل. (ويسري).

ويسلو: ص. بي خبر. غافل. ويسارو. ڀُلو. (ث. ويسلي).

ويسوو: ذ. زمين جي ماپ جو هڪ اندازو (جريب ۾ ويهه ويسوا ٿين)- گهُنٺو.

ويسَهُ: ذ. ويساهه- اعتبار- ڀروسو.

وِيسِي: ث. هڪ ويلي جي کاڌي جو اجورو يا خرچ.

وِيسِي خور: ص. ڪنجوس. ويسي نه ڏيندڙ.

ويشنو: ص. هندن جو هڪ فرقو (جيڪو "ماس" کونه کائي).

ويڪُ: ص. ويڪر- ٻَرُ. پکيڙ. ڪشادگي.

وِيڪَ: ث. عيب. خامي- اُوڻائي. عيب جوئي.

ويڪَرَ: ث. عرض- ٻَرُ. ڪشادگي. وسعت.

ويڪرائي: ث. ٻَر. ڪشادگي. خلاصگائي.

ويڪرائي ڦاڪَ: ث. ڌرتيءَ جي چوڪاري ويڪر ۾ ڦري ايندڙ خيالي ليڪ.

ويڪرو: ص. موڪرو- خلاصو- ڪشادو. (ث. ويڪري).

ويڪُو: ص. وڪڻڻ لاءِ- وِڪري جو.

ويڳُ: ذ. زهر جو اثر. خمار. مٿي ۾ گهومات.

ويڳاڻو: ص. بيڳانو- نڌڻڪو. اڪيلو. اُداس- ڏکويل. ڪومايل. (ث. ويڳاڻي).

ويڳرُ: ذ. مرچ مصالحو (ڀوڙ ۾ وجهڻ لاءِ). وڳر.

ويڳو: ص. ٻيءَ ماءُ مان ٿيل (ڀاءُ)- مائيٽو. ڌاريو. 'سڳو' جو ضد.

وَيلُ: ذ (ع) مصيبت- تڪليف. عذاب. آزار. ڏهر- ظلم. ناحق- ڏاڍُ.

ويلَ: ث (سن. ويلا) وقت- مهل- ٽائو. موقعو- وَجهه.

ويلَ ڪرڻ: مهل ڪرڻ- مدد ڪرڻ. ڏکئي وقت ۾ ڀرجهلو ٿيڻ.

ويلُ: ذ. ويڪر- ٻَرُ. ويڪرائي.

وِيلُ: ص. گذريل. اڳيون. ڇڏ- تباهه. هٺو. بيڪار. ردي- خراب. غريب. گم ٿيل. ڪِريل- گهٽ.

وِيلڙو: ذ. پيٽ ۾ وٽ پوڻ ۽ الٽي وغيره جي بيماري.

ويلڻ: ث. پير جي زخم سبب ڇڏڻ ۾ ٿيل ڳوڙهي.

ويلڻُ: ذ. ڪاٺيءَ جو گول اوزار (جنهن سان ماني ناهجي). ارٽيءَ جو رُول.

ويلو: ذ (سن) وقت. مهل. ٽائو. هڪ وقت جي ماني. موقعو.

ويلا ڪڍڻ: بکون ڪاٽڻ- فاقا ڪڍڻ.

ويلو ڪرڻ: فوتيءَ جي گهر وارن جي هڪڙي وقت جي ماني ڪرڻ.

وِيلو: ذ. وَٽُ- مروڙو. پيٽ ۾ سُور ڪان وڪڙ پوڻ جي بيماري.

وِيمو: ذ (ف) نيڪو. ضمانت. ذميداري (هڪ هنڌان مال ڪٿي ٻئي هنڌ پهچائڻ جي)- جوکم.

وَينِتي: ث. جُهڪڻ- جُهڪي سلام ڪرڻ. عاجزي- انڪساري- منٿ. عرض. التجا.

وِينجهارُ ذ. موتين کي ونڌڻ جو ڪم ڪندڙ- ڇَڪاڪ. مشڪن ۽ ڪچ مان ٻُڙا ٺاهيندڙ. ڳهڻ تي ٽِڪون چاڙهيندڙ. ڏاهو- هوشيار- سيائو.

وِينجهَرُ ذ. هڪ ذات جو نالو. وِينجهارُ.

وِينڊو، وِينڊوءِ ذ. هڪ قسم جو ڳهه- نٿ. ننڍي نٿ. هڪ قسم جي مُنڊي. وِنگي ڀچ وارو ڪُتو.

وينگسَ ث. تداور زال. وڏن گهاٽن وارن واري سهڻي عورت.

وِيڻُ ذ. طعنو- مهڻو- اوپالو. پٽ پاراتو.

وِيڻ وجهڻ پٽ پاراتا ڏيڻ. طعنا مهڻا ڏيڻ.

وِيهَ ص. ٻن ڏهاڪن وارو عدد (٢٠). ڪوڙي (اڳئين وقت ۾ ڳڻپ ڪوڙين جي حساب سان ٿيندي هئي؛ ٻه ڪوڙيون، چار ڪوڙيون وغيره).

ويهارَڻُ م. وهاري ڇڏڻ- وهارڻ. سُوئر کي شڪار لاءِ ٽَر (جهنگ) ۾ وهارڻ.

وِيهَڪِ ث. ويهڻ جي حالت- ٻيٺڪ.

ويهڻُ م. ويهي رهڻ- وهڻ. ڪپ ڪوڙڻ.

ويهي رهڻ وِهڻ. جهُڪڻ (زمين). ٻهڻ- ڪِرڻ (جاءِ، ڇت، پٽ وغيره). ڀِڄي وڃڻ- ڪُپ ٿيڻ.

ويهي وڃڻ پراڻو ٿيڻ (ڪوهه). جهُور ٿيڻ. ڪم ڪار جي لائق نه رهڻ.

وِيهُون ث. "ويهن" جي تعداد جا مجموعا (ٻه ويهون، پنج ويهون وغيره).

ويهون وڃائڻ ڪنهن وڏي ڪم کي ڪاميابيءَ سان پورو ڪرڻ. دنگ ڪرڻ.

وِيءِ ذ. مال جي چرڻ لاءِ رک ڪيل زمين. چراگاهه.

ويءِ وِهائڻ سوداگري ڪرڻ. نفعي وارو ڌنڌو ڪرڻ.

وِيَڙي، وِيَري ث (ع. بير) ننڍي ڪوهي. هيناهين ۾ ڪوٽيل ڪچي کوهي (جنهن ۾ ٿوري اونهائيءَ ۾ پاڻيءَ نڪري).

ھ

هه ث (اُچار 'هي') سنڌي "الف- بي" جو پنجاهون اکر. عربي جو ايڪيهون ۽ فارسي جو ستاويهون اکر. ابجد موجب عدد (٥).

ها ث. هاڪار- اقرار. هائو- اٿين- برابر. (ظ) درست- بجا.

ها ڪرڻ اقرار ڪرڻ- مڃڻ- قبول ڪرڻ. هائوڪار ڪرڻ.

ها ۾ ها مِلائڻ شامل راءِ ٿيڻ. تائيد ڪرڻ. خوشامد ڪرڻ.

هابيلُ ذ (ع) حضرت آدم عليه السلام جو پُٽ (جنهن کي سندس وڏي ڀاءُ قابيل قتل ڪيو هو).

هاتارُ ذ. هڪ قسم جو جهنگلي جانور- چراخ. (ص) جلدباز- چالاڪ.

هاتِفُ ذ (ع) غيب جو آواز ڏيندڙ فرشتو. غيب جو آواز.

هاتِڪُ ص (ع. حاذق) سمجهو- ڏاهو. داناءِ- سيائو. قابل.

هاٿي ذ. هڪ مشهور جانور- فيل.

هاٿي ڏند ذ. عاج (هاٿي جا اڳيان ٻاهر نڪتل ٻه ڏند). (ث. هاٿيائي).

هاڻي ڏند هڻڻ: ظاهر ظهور سچو پکو هجڻ.
هاڻي: ث. بدني بيهڪ- قدبت. هندن ۾ مڙدي جا سڙيل هڏا ۽ رک.
هاڄره: ث (ع) حضرت ابراهيم عليہ السلام جي ٻي گهر واري (حضرت اسماعيل عليہ السلام جي والده).
هاڃو: ذ. نقصان- چيهو- حرج. گهاٽو. تباهي. ظلم.
هاڃا ڪرڻ: ظلم ڪرڻ- ڪيس ڪرڻ.
هادي: ص (ع) هدايت ڪندڙ- رهبر- رهنما. مرشد.
هارَ: ث. شڪست- مات.
هارجيتَ: ث. کٽ هار. فتح شڪست.
هارڪَٽَ: ث. جُوئا يا راند ۾ جيتڻ يا هارائڻ.
هارُ: ذ. ڌاڳي ۾ پُوتل گُل، موتي يا جواهر- لڙهي- سَر. مالها- ڪنٺي.
هارُسينگارُ: ذ. ڪپڙا لٽا ۽ ڳهہ ڳٺا پائڻ. ناهہ جوڙ- آرائش- تزئين.
هارائڻُ: م. شڪست کائڻ- مات کائڻ. بازي يا شرط هارائڻ. مغلوب ٿيڻ. ناڪام ٿيڻ.
هارَپَ: ث. هاربو.
هاربو: ذ. هارپ- ڪرمت. هاريءَ جي ونڊي (پوک مان مليل حصو).
هارجُ: ص (ع) روڪيندڙ- منع ڪندڙ. رنڊڪ وجهندڙ.
هارجُ ٿيڻ: اٽڪاءُ ڪرڻ. روڪ ڪرڻ.
هارجڻُ: م. ڪنهن ٽانءَ مان ڪا شيءِ هيٺ ڪرڻ. شڪست کائڻ- مات ٿيڻ.
هارمونو: ذ (انگ. هارمونيم) هڪ قسم جو باجو- باجو.
هارڻُ: م. هيٺ ڪيرائڻ. اوتي زيان ڪرڻ. هارائڻ.
هارِ ويتَ، هار ويرَ: ث. اوت پوت- هڪڙي ٽانءَ مان ٻئي ۾ لاهہ پاهہ.
هاري: ص. هر ڪاهيندڙ- پوک ڪندڙ- ڪرمي. راند ۾ هڪڙي ڌر جو اڳواڻ. (ث) ڪيري ۽ آنياري پلي جي جوڙي (هاري ۾ ۾ پلا ٿين). (ص) هارايل. ٿڪل- کهيل (عورت).
هاڙهہ: ذ. آ ڪاڙ مهينو. آرهاڙ. سخت گرم (اونهارو). (ص) هاڙهو (چور).
هاڙهو: ذ. لس ٻيلي جي اولهہ ۾ جبل جي قطار. (ص) ڪاٽڪو (چور).
هاڙهو ڪَٻُ: ذ. رڻ پٽ- بيابان. سُڃَ.
هاڙهي: ص. راند جو اڳواڻ- هاري.
هاڙهي پيچي: ص. هاري ۽ ان جا ساٿي رانديگر.
هاڙهيارو: ص. پوک ۾ زوري ٿيي پوندڙ ڍور.
هاسٽل: ث (انگ) شاگردن جي رهائش گاهہ.
هاسو: ذ (ع. عصا) لٺ- ڏگهي لٺ. گوڙ ڳهسان- ڌمچر.
هاسيڪارُ: ظ. جاڻي واڻي- هرويرو- ارادي سان.
هاشِ هاشِ: ث. اجائي تڪڙ- ابهرائي- جلدائي.
هاضِمُ: ص (ع) هضم ڪندڙ. هضم ٿيندڙ (کاڌو).
هاضمو: ذ (ع) هضم ڪرڻ واري قُوت. تحليل (کاڌي جي).
هاڪَ: ث. ناموس- ساراهہ. ڌاڪو- دبدبو.
هاڪارو: ص. هاڪ وارو- نالي وارو. ڌاڪي وارو.
هاڪارڻُ: م. هڪل ڪرڻ- للڪارڻ. مقابلي لاءِ سڏڻ. ڏوڪڻ- ڏوڪي وجهڻ. حملو ڪرڻ- جلهہ ڪرڻ. ڪاهہ ڪرڻ. ٻيڙي جوڙي رواني ڪرڻ- ڪاهڻ.
هالُ: ذ (انگ) وڏو ڪمرو- دالانُ.
هالا: ذ. هڪ ذات جو نالو. حيدرآباد ضلعي ۾ هڪ شهر ۽ تعلقو.
هالارُ: ذ. سنڌ جي الهندين طرف واري جبلن جي قطار. ڪڇ- ڪاٺياواڙ جو الهنديون ڀاڱو جنهن ۾ جام نگر شامل (جتي جو رڱيل ڪپڙو سنو ۽ پڪي سٺي رنگ وارو).

هالو: ذ (ف) چنڊ جو پڙ (جيڪو ڪڏهن ڪڏهن آسمان ۾ غبار سبب نظر ايندو آهي). اهو ڏاند جنهن جو هڪ سڱ هيٺ تي مڙيل هجي. نياڳو.

هالو چالو: ص. جهڙو تهڙو- رواجي- معمولي.

هامُ: ث. ذميداري جي دعويٰ. پڪ.

هام هڻڻ: وڏي هانءُ ڪار ڪرڻ. زوردار لفظن ۾ ذميداري جي دعويٰ ڪرڻ.

هامي: ث. اقرار. ضمانت.

هامي ڀرڻ: اقرار ڪرڻ- وعدو ڪرڻ. ذميداري کڻڻ.

هان هُون: ث. نٽ نٽاءُ. اقرار انڪار.

هان هُون ڪرڻ: نٽائڻ- بهانا ڪرڻ. گوٽتات ڪرڻ.

هانبارو، هانيارو: ذ. تکڙا ساهه کڻڻ. ڊوڙڻ کان پوءِ وڏا ساه کڻڻ. سَهڪ.

هانيارو هڻڻ: وڏا ساه کڻڻ- وات ۽ نڪ مان ساه کڻڻ.

هانبو، هانبو: ذ. ڳائڻ وڄائڻ ۽ ناچ تماشي جو شاميانو وغيره. راڳ رنگ جي محفل.

هانهڙ: ث. هڪار ۽ ڪُڏ (گهوڙي جي).

هانءُ، هنياءُ: ذ. دل- هنيون- قلب. مَنُ.

هانءُ ٺارڻ: دل ٺارڻ- دل خوش ڪرڻ. بدلو وٺي پنهنجي دل خوش ڪرڻ.

هانءُ لاهڻُ: دل لاهڻ- بي همت ٿيڻ. نااميد ٿيڻ.

هاڻ: ظ. هينئر- هاڻي. هن وقت.

هاڻو: ذ. چوپائي مال جو ڏاڙو هٽندڙ. ڦر ڪندڙ. ڌاڙيل- ڦورو.

هالو مالو: ص. واقف- گهاٽل ماٺل.

هاڻوڪو: ظ. هن وقت جو. هلندڙ دور جو. اڄوڪو. (ث. هاڻوڪي).

هاڻي: ظ. هن وقت- هينئر- فورا- يڪدم. هن حالت ۾. هن وقت ۾. اڄڪلهه. هينئر ۽ هن کان پوءِ.

هاواڻو: ذ. هُل- افواه. اچڻ جي خبر. مقرر ڪيل وقت جو واعدو.

هاوي: ث (ع) حاوي.

هاها: ث. هاڻوڪار. زباني جٺ- ڏڙڪو دهمان.

هاهڙ هُوهڙ: ث. هاها- جٺ ڦٺ- ڏڙڪو دهمان.

هاءِ اسڪول: (انگ. هاءِ= وڏو) ذ. پرائمري کان مٿين درجي وارو اسڪول.

هاءِ ڪورٽ: ث. وڏي ڪورٽ. صوبائي سطح جي ڪورٽ.

هاءِ، هائي: ذ (ع) ڏک مان نڪتل آواز. افسوس.

هاءِ هاءِ: ث. بيماري يا تڪليف ۾ آواز. گهوڙا گهوڙا- واويلا. افسوس- ارمان.

هاءِ ڏوس: ث. گهوڙا گهوڙا- هل هنگامو. مانڌاڻ- ڀاٽيتال.

هاڻو: ذ. ٻارن کي اوچتو ڊيڄارڻ لاءِ آواز.

هاٻي: ث (ع. حاوي) دوزخ- هاوي. سخت تپش. عذاب. آزار- مصيبت.

هاٻيءَ ۾ هجڻ: حاوي ۾ هجڻ- باه ۾ هجڻ. عذاب ۾ هجڻ.

هَٻَڄ: ث. هَوس. گهڻو لوڀ. ڏٺو نه ٿيڻ وارو حرص.

هَٻڄي: ص. لوڀي- لالچي. گهڻو کائيندڙ.

هَٻڪ: ث. حجاب. ڊپ. ڳالهائڻ ۾ اٽڪاءُ. زبان ۾ اٽڪاءُ.

هُٻڪار: ث. سرهاڻ- سڳنڌ- خوشبوءِ. هڳاءُ.

هٻڪڻُ: م. ڳالهائڻ ۾ هٻڪڻ. زبان ۾ رنڊڪ ٿيڻ. گهٻرائڻ.

هيتِ: ظ. هتي- هن هنڌ.

هتان: ظ. هن هنڌ کان.

هُتِ: ظ. هُن هنڌ- هُتي.

هتڪ: ث (ع) بي عزتي. گستاخي. توهين.

هتڪ آميز: ص. بي عزتي وارو- گستاخي وارو.

هتڪ ڪرڻ: بي عزتي ڪرڻ- توهين ڪرڻ.

هَتيا: ث (سن) قتل. پاپ- گناهہ. هچا- مصيبت.

هَٿُ: ذ. ٻانهن جو حصو (جنهن ۾ آڱريون ٿين)- دست- يَد. ڪپڙي وغيره جي ماپڻ لاءِ آڱرين جي چوٽيءَ کان وٺي ٺونٺ تائين ماپ.

هَٿ اٽڪائڻ: جهيڙو ڳنڍڻ. واسطو رکڻ.

هٿ اچڻ: لهڻ- حاصل ٿيڻ. ملڻ. دستياب ٿيڻ. ميسر ٿيڻ.

هٿ ٻڌڻ: منت ڪرڻ- خوشامد ڪرڻ.

هٿ تنگ هئڻ: پئسي ڏوڪڙ جي تنگي هئڻ.

هٿ ٽنگڻ: سوال ڪرڻ. پنڻ. محتاج ٿيڻ.

هٿ ٺارڻ: دل جي باهہ ڪڍڻ. زورانتا ڏک هٿي بدلو وٺڻ. سخت مار ڪڍڻ.

هٿ پڄڻ: دسترس ٿيڻ. وس هلڻ. رسائي ٿيڻ.

هٿ پير ٺرڻ: بيهوش ٿيڻ. حيرت ۾ پوڻ.

هٿ پير هڻڻ: ڪوشش ڪرڻ. ڪنهن مصيبت مان جند ڇڏائڻ لاءِ حيلا ڪرڻ. ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ.

هٿ جهلڻ: هٿ کان وٺڻ. ڏيڻ وٺڻ يا اچڻ وڃڻ بند ڪرڻ.

هٿ ڏڪارڻ: خدمت چاڪري ڪرڻ.

هٿ ڏيڻ: ڪنيڪار ڪرڻ. مدد ڪرڻ. قول ڏيڻ.

هٿ ڊگهيرڻ: سوال ڪرڻ. گهُرڻ.

هٿ رکڻ: سرپرستي ڪرڻ. پنهنجو ڪرڻ. مدد ڪرڻ. پرگهور لهڻ.

هٿ رڳڻ: چڱيءَ طرح فائدو وٺڻ. مالا مال ٿيڻ.

هٿ ڦيرڻ: پلائي ڪرڻ. دلاسو ڏيڻ. ڇَٽ ٻڌڻ.

هٿ ڪڍڻ: واسطو ٽوڙڻ. دست بردار ٿيڻ.

هٿ ڪرڻ: حاصل ڪرڻ.

هٿ کڻڻ: دست بردار ٿيڻ- پچر ڇڏڻ.

هٿ لائڻ: ڇهڻ. استعمال ۾ آڻڻ.

هٿ منجهڻ: تنگدستي ٿيڻ.

هٿ مهٽڻ: پڇتائڻ- افسوس ڪرڻ- پشيمان ٿيڻ.

هٿ ۾ هئڻ: وس ۾ هئڻ- قبضي ۾ هئڻ.

هٿ وٺڻ: دستگيري ڪرڻ. سهارو ڏيڻ. رهبري ڪرڻ.

هٿ هلائڻ: ڪم ڪار ڪرڻ.

هٿ هڻڻ: پڇتائڻ- پشيمان ٿيڻ. افسوس ڪرڻ.

هٿ اُڌار: ث. قرض طور ورتل رقم. هٿو هٿ ورتل اوڌر. شخصي اعتبار تي ڏنل قرض.

هَٿ اکر: ذ. تحرير. پنهنجي هٿ سان لکيل اکر. لکيت.

هَٿ جَس: ث. سوڀ. لاڀُ. ڪاميابي.

هَٿ جوڙ: ث. هٿ ٻڌڻ. عاجزي. نيازمندي. آزي نيزاري.

هَٿ جوڙ ڪرڻ: عاجزي ڪرڻ. عرض ڪرڻ. منت ميڙ ڪرڻ.

هَٿ چُراند: ث. حرڪت- ڪيچل- مستي. چُرچ.

هَٿَ ڇُوٽَ: ص. خرچاٽو. فضول خرچ. سخي.

هَٿَ ڏَسَ: ث. اشاري سان يا زباني طرح ٻڌائڻ. ڏسڻ سان ڪيل ڪم.

هَٿراڌُو: ص. هٿ جو ناهيل- نقلي- جُڙتو. بناوتي- مصنوعي.

هَٿڙي: ث. هٿ ڪس. ڪنهن جي ڪيسي مان هٿ جي ڪيڏ سان ڪيل چوري. گهوڙي کي ٽنگ ۾ ٻڌل چمڙ جي پٽي.

هٿڙي هڻڻ: ڳنڍ يا ڪيسي مان ڪا شيءِ چوري ڪرڻ. ڪيسو ڪپڻ. مَلهہ ۾ ڪُپت وارو هٿ وجهڻ (مقابل ملهہ جو پير جهلي ڪيس دسڻ).

هَٿَ شَفا: ث. طبيب جي علاج ۾ شفايابي جو اثر.

هَٿَ ڦاڙُ: ص. اجايو خرچ ڪندڙ- فضول خرچ.

هَٽ ڪڙولُ، ذ. زنجير ۾ ٻڌل لوهي ڪڙي جنهن ۾ ڪلف ٻہ هجي. هٽ ڪڙي.

هَٽَ ڪڙي، ث. هٽن جي ڪَڙي. ڏوهاري جي هٿن کي قابو ڪرڻ لاءِ ڪلف واري لوهي ڪڙي يا زنجير.

هَٽَ ڪسَ، ث. هٿ چراند. حرڪت. دست درازي. هٿڙي.

هَٽَ گاڏي، ث. هٿ سان ڌڪي هلائڻ وارو ٺيلهو. ٻارڙي کي گهمائڻ. لاءِ ننڍڙو گاڏو.

هَٽَ ناٽُ، ذ. هٿن جو کيل. چالاڪي. حرفت بازي. ٺڳي.

هَٽُڻُ، ذ. سرمايو. پونجي- مُوڙي.

هَٿوپائي، ث. هٿن سان ويڙهہ. هٿ کس. ڌڪ مُڪ.

هَٿوراڙي، ث. پٽ تي ڪريل يا وڃايل شي جي هٿن سان ڳولا.

هٿوراڙيون ڏيڻ، اوندهہ ۾ هٿن کي هيڏانهن هوڏانهن هلائي ڪا وڃايل شيءِ ڳولڻ.

هَٿوڙو، ذ. وڏو مترڪو. لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار.

هَٿوڙي، ث. مترڪي. هٿ ڪڙي.

هَٽ وَسَ، ظ. پنهنجي وس ۾- پنهنجي اختيار ۾.

هٽَ وَسِيڪو، ص. هنڌائي جاءِ تي قابو رکيل. پنهنجي وس ۾.

هَٿو هَٿ، ظ. هڪڙي هٿ کان ٻئي هٿ ۾. هٿان ئي هٿان. جلدي- ترت.

هَٿِي، ث. مدد- واهر. حمايت- ٽيڪ. نالي جي مدد- موڙي.

هٿي ڏيڻ، حمايت ڪرڻ. ٽيڪ ڏيڻ. سهارو ڏيڻ.

هَٿيارُ، ذ. لڙائي ۾ ڪم ايندر اسلحو (تلوار، بندوق، ڀالو وغيره). لٺ ڌڪو.

هٿيار پنهوار، ذ. اسلحو (تلوار، ڀالو غيره).

هَٿِيڪو، ص. مضبوط- سوگهو- قابو. هڪ جاءِ تي ڪُٽل.

هٿِيڪو ڪرڻ، سوگهو رکڻ- قابو رکڻ. محفوظ رکڻ.

هَٿِيہ، ظ. هٿن سان.

هٿيہ پوڻ، هٿو پائي ڪرڻ. هٿن سان وڙهڻ. وڙهڻ- جهيڙو ڪرڻ.

هٿيہ خالي، ص. ٺلهو- سکڻو. سڃو.

هَٿِيو، ذ. مُٺ- دستو- ڳنُ. مُهرو.

هَٽُ، ذ. وکر وکڻڻ جي جاءِ- دڪان.

هَٽائِي، ص. هٽ وارو- دڪاندار.

هَٽُ ڪڍڻ، سامان پکيڙي ڇڏڻ. گهرو سامان ڇڙوڇڙ ڪرڻ.

هَٽ واڻيو، ذ. هندو دڪاندار. ڊڇڻو.

هَٽائِڻُ، م. پري ڪري. سيرڻ- ريڙهڻ. لاهڻ (ملازمت کان). پسپا ڪرڻ- شڪست ڏيڻ. موٽائڻ. واپس ڪرڻ.

هَٽَ تاڙَ، ث. هٽن کي تالا هڻڻ. دڪانن کي تالا هڻي بازار جو ڪاروبار بند رکڻ- هڙتال.

هَٽ تاڙ ڪرڻ، هٽن دڪانن کي تاڙيون هڻڻ. ڪرف ڪڙا هڻي بند ڪرڻ. بازار جو ڪاروبار بند رکڻ. احتجاج طور دڪان بند ڪرڻ.

هَٽِڙي، ث. ننڍو هٽ. سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ڳوٺن ماڳن ديهن جو تالو.

هَٽڪَ، ث. اٽڪاءُ (زبان ۾). هَبڪَ.

هَٽڪَڻُ، م. هبڪڻ. دل من هٽڻ. گهبرائڻ.

هَٽَڻُ، م. پري ٿيڻ. سِرڪڻ- رڙهڻ. پوئتي ٿيڻ- موٽڻ. هار کائڻ. کسڪڻ. ايرو ٿيڻ. جوانيءَ کان موٽڻ. لاٽ کائڻ.

هَٽِي، ث. ننڍڙو دڪان.

هٽيءَ سارو هوڪو ڏيڻ، وت آهر خرچ ڪرڻ. سگهہ سارو هلڻ.

هَٺُ، ذ (سن) غرور- وڏائي- آڪڙ. ضد. تعصب.

هاٿي- جسم- سرير.
هَٽ سُڄائي: ث. تندرستي- چڱڀلائي. صحتيابي.
هَٽ سجو: ص. بيماريءَ کان آجو. تندرست- صحتمند- چڱو ڀلو. سجاڳ- خبردار. هوشيار.
هَٽ ڪرڻ: غرور ڪرڻ. ضد ڪرڻ.
هَٽيلو: ص. ضدي- هوڏي. متعصب. سرڪش- پاڻ زورو.
هَپُ: ذ. هڪڙي ٿي پيري وات ۾ وجهڻ جو آواز- هپُو.
هَپُ ڪرڻ: هڙپ ڪرڻ. وات ۾ وجهي ڪائي وڃڻ.
هَپو: ذ. لپو. لپ ڀري وات ۾ وجهڻ. گرانهہ- لقمو. وڏي لپ. وڏو گرانهہ.
هِجّ: ث (ع) اکرن جو اعرابن مطابق اُچار.
هُجّ: ث (ع. حجت) حجت- دوستيءَ واري گهرائي. اميد.
هِجرُ: ذ (ع) جدائي- وڇوڙو- فراق.
هِجرَت: ث (ع) جدائي. وطن کي هميشه لاءِ ڇڏڻ. نبي سڳوري جو مڪي کي ڇڏي مديني ۾ وڃڻ ۽ هميشه لاءِ اُتي رهڻ.
هِجرِي: ث (ع) نبي سڳوري جي هجرت کان شروع ٿيندڙ اسلامي سن.
هُجَڻُ: م. موجودگي هئڻ- هئڻ. موجود رهڻ.
هَجوَ: ث (ع) مذمت- ڪُوار. بدگوئي. نِندا- گلا.
هُجُوم: ذ (ع) ڀيڙ- مجمو- انبوهہ.
هَچَڻُ: م. ڳهڻ- گهٽي ڪم سبب ٿڪجڻ. ساهو ٿيڻ. ورچڻ. ڪهُجڻ.
هَتِيا: ث (سن. هتيا) ڏوهہ- گناهہ. پاپ. عذاب. مصيبت. مرض- روڳ.
هَتِيا پوڻ: مصيبت پوڻ. شامت مٿان پوڻ.
هَتِيارو: ص. قاتل- خوني. ظالم. ڏوهي- پاپي. گنهگار.
هِچڪ: ث. لوڏو- لچڪ. ڏوڏو.
هِچڪَڻُ: م. روڻ. سُڏڪا ڀرڻ.
هِچِڻُ: م. هُرڻ- دل سان لڳڻ- ڪڳڻ. دل کي وڻڻ.
هِدايَت: ث (ع) سڌو رستو ڏيکارڻ- دڳ لائڻ. رهنمائي- رهبري. نصيحت- فهمائش. حڪم- فرمان.
هدايت ڪرڻ: نصيحت ڪرڻ. سنئين رستي تي هلائڻ. طريقو سيکارڻ.
هدايت نامو: ذ. هدايتن جي سمجهاڻيءَ وارو ڪتاب.
هَدَفُ: ذ (ع) تير جو نشانو. نشان چٽڻ وارو دائرو يا ڪو نشان.
هُدو: ذ. ڪنهن وظيفي وغيرہ پڙهڻ جو مرشد کان مليل اِذن.
هُد هُد: ذ (ع) هڪ قسم جو پکي.
هَديو: ذ (ع. هَديہ) تحفو- نذرانو. ڪنهن متبرڪ چيز جي ملهہ ۾ ڏنل مناٽيءَ جي رقم.
هَڏ: ظ. هرگز- مُور- بلڪل- بنهہ.
هَڏُ: ذ. وڏو هڏو. هڏو. رڍُن چانورن ۾ رهجي ويل ڪچاڻ- ٽِساهہ.
هَڏ ڀڃڻ: مارڪٽ ڪرڻ. سخت سيکت ڏيڻ.
هڏ پيڙهُ: سخت پورهيو ونڻ.
هَڏ ڪُرڪڻ: کهڪاءَ اچڻ- قياس ٿيڻ. ڪَهل اچڻ.
هَڏ ترِي: ث. زوراور اُٺ کي نڪ ۾ مهار وجهڻ جي ڪاني.
هَڏ ڏوکي: ص. همدرد- ڳهٽگهرو. قياس ڪندڙ.
هَڏِ رَتُ: ذ. رِشتيدار -مٽ مائٽ. سڳا عزيز.
هَڏ ڪاٺُ: ذ. قدبت- هاٺي. جسم جي بيهڪ.
هِڏڪوئي، هِڏڪي: ث. خشڪيءَ کان پيٽ مان نڪرندڙ آواز- هچڪي. ساروڻي. ٽانگهہ- سِڪ- چِڪ.
هُڏڪارو: ذ. مِرُون جي ٻولڻ يا ڪُرڪڻ جو آواز.
هُڏڪو: ذ. ڪُرڪو- ڪنجهڪو- چِنگهہ.

هڏ ڳڏ، ذ. ننڍا وڏا هڏا. سيئي عضوا.
هڏ ڳڏ پچڻ: سڀ عضوا ۽ سنڌ پچڻ. ٿاڌي مار کڏڻ. سخت سيڪت ڏيڻ.
هڏو، ذ. هڏ- هڏي. ترڻ ۽ جي هڏي.
هڏوڳڏو، ذ. ڪن ڪچرو.
هَڏي، ث. ننڍڙو هڏو.
هُڏي، ث. جهٽڪ- تڙي- چڙپ. ٺَڏيءَ سان ڳالهائڻ. ڪاوڙ جو ڳالهاءُ. مغروري.
هُڏي ڏيڻ: آڏو شوخيءَ سان ڳالهائڻ- آڏو تڙيءَ سان ڳالهائڻ. ابتو جواب ڏيڻ.
هذيانُ، ذ (ع) بيماري يا بيهوشيءَ ۾ ڪيل ڳالهيون- وڏڙ. بڪ بڪ.
هَر، ص (ف) سڀ- ڪوبہ. هرهڪ.
هَرُ، ذ. زمين کيڙڻ جو اوزار.
هر جوٽڻ: زمين کيڙڻ لاءِ هر ٻڌڻ.
هر ڏيڻ: زمين کيڙڻ. صاف صفائي ڪرڻ.
هُرَ، ث. يادگيري. ساروڻي.
هِراسُ، ذ (ف) ڊپ- خوف- هول. دهشت.
هراسان، ص. ڊنل- خوفزده.
هربار، ظ (ف) هردفعي- پيري پيري- وري وري.
هُربو، ذ. هڪ قسم جو پسارڪو وکر. ميٿي.
هُرتڙي، ص (جمع. هُرتڙيون) هلڪڙي- رولو- هرجائي. هُوڙهہ.
هرتالُ، هرتالي، ص. هرتال جاڻندڙ. حرفتي. چالاڪ. مڪار.
هَرجُ، ذ (ع) نقصان- گهاٽو- ٽوٽو- خسارو.
هرج پوڻ: نقصان پوڻ. گهاٽو پوڻ.
هَرجانو، ذ. نقصان جو عيوضو- تاوان.
هرجاءِ، ظ (ف) هرهنڌ- جتي ڪٿي- سڀ جڳهہ تي.
هَرجنسَ، ث. سڀ نمونا. سڀ قسم.
هرحال، ظ (ف) هرطرح- هرصورت- ڪنهن بہ طرح.
هَردفعي، ظ (ف) هرڀيري- پيري پيري سان.
هردَم، ظ (ف) هروقت- هر گهڙي.
هِردو، ذ (سن) مَن- دل- چت- خيال.
هَرڌات، ث. سيني ڌاتن مان ڳڏي ناهيل ڌاتوءَ يا هٿيار.
هرروز، ظ (ف) روزانو- هَميشه- روز روز.
هَرڙائي، ث. هلڪڙائي- خسيس پڻو.
هَرسالَ، ظ (ف) سال بسال.
هَرسُو، ظ. هرطرف.
هرصورت، ظ. ڪنهن بہ نموني- ڪنهن بہ طرح. هرحال ۾.
هرطرفُ، ظ (ف) هر پاسي- سيني پاسن. چوڌس.
هَرڪاريو، ص. سڀ ڪم ڪندڙ. هنرمند. هرڪم ۾ پورو.
هِرڪَڻُ، م. هِرڪڻ.
هَرڪو، ظ. سڀڪو- هرماڻهو.
هِرڪُ، ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم- پٽيو- لنو.
هُرڪُو، ث. اڻ تڻ- ڳڻتي- ألڪو- آنڌ مانڌ.
هِرکڻُ، م. دل سُرڪڻ- دل ٽيڻ. موهجڻ. حرص ٿيڻ.
هَرگِز، ظ (ف) هرحيلي- ڪڏهن بہ- پٽيءَ- ٻنهہ- مورُ.
هرگهڙي، ظ. هروقت- هرويلي.
هَرلحظي، ظ. هروقت.
هُرلو، ذ. هيناهيءَ تان پاڻي اُپاڻي ٻنيءَ کي پهچائڻ لاءِ ڪاٺين مان ٺهيل مانداڻ- چرخو. اٺٽ.
هَرماه، ذ (ف) مهيني سِر مهيني- هرمهيني.
هَرمُچُ، ذ. پرت جو هڪ نمونو.
هَرمُرو، ذ. هڪ قسم جو پسارڪو وکر.
هَرنو، ذ (ڏمسنامو) هاٿيءَ جو ٻچو- هاٿي.

هَرڻُ: ذ. بر جو مشهور جانور- غزال- آهُو- مرگهہ.
هَرڻ هماءِ: ذ. هڪ خيالي پکي هُماءِ جيڪو متي آسمان ۾ اڏامي ۽ زمين تي ڪونہ لهي.
هَرڻي: ث. هرڻ جي مادي.
هِرڻُ: م. عادي ٿيڻ- هير پوڻ- مانوس ٿيڻ. هِري مِري وڃڻ.
هُرڻُ: م. ڪا ڳالهہ دل تي ترڻ (پر ياد نہ اچڻ)- ڪکڻ. ياد نہ اچڻ (پر دِل سان لڳڻ).
هَرو پَروُ: ظ. خواه مخواه- بنا سبب جي- راه گناه.
هَرهِہ، هَرنهہ: ث. هر جي ڏڪهي ڪاٺي (جيڪا پاڃاري سان ٻڌل هوندي آهي، ۽ اُن جي مٿ کي جهلي هر ڪاهبو آهي).
هَرَ هَرَ: ظ. وري وري- ڀيري ڀيري- ذري ذري- گهڙي گهڙي.
هَرهڪ: ص (ف) هڪ هڪ- هڪڙو هڪڙو- هرماڻهو.
هَري: ظ. آهستي- ڍيري- ڍرو.
هَري هَري: ظ. آهستي آهستي- ڍيرج سان.
هَريڙ: ث. هڪ قسم جو پسارڪو وکر.
هريو: ص. سائو- سرسبز- آباد. آلو- پنل- پُسيل. (ث. هَري).
هُريو هُريو ڪرڻ: پوک تان پکين کي اُڏارڻ لاءِ "هُريو هريو" جون هڪلون ڪرڻ. چيڙائڻ. خواري ڪرڻ. مشهور ڪرڻ.
هَڙ: ث. ڪپڙي وغيره جي ڳنڍ. ٻڌڪي- پَري. پونجي- موڙي.
هَڙ ڪوسي ڪرڻ: مال هٿ ڪرڻ. نفعو حاصل ٿيڻ.
هَڙپاٽ: ث. جاڙي. ڪاڏيءَ وارو هڏو (جنهن ۾ ڏند پيچي بيهن).
هڙپائيوو نڪرڻ: ڳري ڪندا ٿيڻ. منهن يا جسم جو ماس روڙجي وڃڻ. بدن جا هڏا ظاهر ٿيڻ.
هَڙ ٻَڙ: ث. گهبراهٽ- پريشاني. واتڙائي. بدحواسي. تڙ تڪڙ. جلدبازي.
هڙتال: ث. هٿ تاڙ- احتجاجي اسٽرائيڪ.
هَڙپ: ذ. گرانهہ ڳيهڻ- هپو. ڳيت.
هڙپ ڪرڻ: ڳيهي وڃڻ. کائي وڃڻ. هضم ڪرڻ. غبن ڪرڻ.
هُڙ چُڙ: ث. ڦتڪو- بي آرامي. لوچ پوچ. چڙواڳي.
هُڙڪ: ث. ڏڪڻي (تڏ ڪان).
هُڙڪڻُ: م. ڏڪڻ- ٿڙڪڻ. تڏ يا سيءَ ۾ ڏکڻ. بيماريءَ ۾ ڪمزوري يا بخار سبب ڇنگهڻ.
هُڙي، هُڙهي: ث. ننڍو جهنگل. رڪ ڪيل جهنگ (جنهن ۾ وڻ هجن).
هُڙيو، هُڙهيو: ذ. هڪ قسم جو پکي.
هَزارُ: ذ (ف) ڏهہ سئو- سهس.
هَزارين: ظ. هزارن جي تعداد ۾- بي شمار- لاتعداد.
هَزَلُ: ذ (ع) اينگي ڳالهہ. بيهودگي. ٺٺول. فحش مضمون وارو ڪلام.
هَزل گوئي: ث. ٺٺول وارو ڪلام.
هَزِيمَت: ث (ع) شڪست- هار. ڀاڄ.
هَسُ: ذ. ٻچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ ڳهہ (چانديءَ جو وڏو ڪڙولو).
هَسائڻُ: م. کِلائڻ- خوش ڪرڻ.
هَست: ذ (ف) هو آهي. هستي- وجود. زندگي. ڪائنات.
هَست رنگي: ث (ف. هشت رنگي) گهڻن رنگن واري. گهڻن روپن واري ناز نخرا ڪندڙ (عورت). چالاڪ عورت. بدچال.
هَستي: ث (ف) وجود. قيام- موجودگي. حياتي- زندگي. موجودات. مخلوقات. مجال- وس. طاقت.

هَسلي: ث. ٻچيءَ وارو هسڏو. ٻچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه.
هَسَڻُ: م. کِلڻ. خوش ٿيڻ. خندو ڪرڻ. ٺٺول ڪرڻ.
هَسو: ذ. ترَ وانگر جسم تي اُڀريل ڪاري ڳوڙهي (ترَ کان وڏي).
هَسوارُ: ذ. سُوارُ. گهوڙي سوار.
هُشِ: ث (ف) ڪُتي ٻليءَ کي هڪلڻ جو آواز.
هُش ۾ خوش ٿيڻ: بيعزتي ۾ به خوش ٿيڻ.
هَشاشُ: ص (ع) خوش- سرهو- شاد.
هَشاش بشاش: ذ. خوش- سرهو. چڱو ڀلو- تندرست.
هَشامُ: ذ. انبوه- هجوم.
هُشائِڻُ: م. ويهارڻ (اُٺ)- جُهڪائڻ (اٺ).
هَشت: ذ (ف) اٺ (عدد).
هشت پهلو: ص. اٺ ڪنبو.
هُشڪارَڻُ: م. ڇَڇ ڪرائڻ (ڪُتي جي).
هُشناڪُ: ص. خبردار- چالاڪ. هوشيار.
هُشناڪِي: ث. خبرداري. سمجهه سوچ. هوشياري.
هُشِي: ث. چُرپُر- حرڪت. چاڙهه- ٿيڪر. ڇَڇ.
هُشِي ڏيڻ: ٿيڪر ڏيئي ڇڇ ڪرائڻ. ٿيڪو ڏيڻ.
هُشيارُ: ص. خبردار- ڏاهو- سمجهو.
هُشياري: ث. خبرداري- ڏاهپ- سياڻپ.
هَضَمُ: ذ (ع) هضم ٿيڻ جي سگهه- هاضمو. پيٽ ۾ کاڌو ڳرڻ جي حالت.
هضم ٿيڻ: کاڌو جيرڻ. پيٽ ۾ ڳرڻ.
هضم ڪرڻ: پرايو مال کائي وڃڻ. غبن ڪرڻ.
هَفتُ: ذ (ف) ست (عدد).
هَفت اَقليم: ذ. ست کنڊ. ست بادشاهتون. ست ملڪ (قديم دور جون بادشاهتون: عرب، ايران، تُوران، هند، چين، مصر، يونان).
هفت زبان: ص. ست ٻوليون ڄاڻندڙ.
هَفتو: ذ. ست ڏينهن. ستن ڏينهن جو عرصو.
هفتيوارِ: ظ. هرهفتي- ستين ستين ڏينهن.
هُڪَ: ث. سَهڪو- وڏا ساهه کڻڻ. دم. اُبس.
هُڪِڻُ: م. سَهڪڻ- ساهه ٻرجي پوڻ (ڊوڙڻ يا دم جي بيماريءَ ۾).
هِڪَ: ث. سڌ- چِڪَ- تانگهه. سِڪَ- اُڪير. پياس- اُساٽ.
هِڪُ: ص (سن) واحد- يڪ. اڪيلو. ڳاڻيٽي جو عدد (١)- ايڪو.
هڪ ٿيڻ: گڏجڻ- ٻڌي ڪرڻ. يڪمشت ٿيڻ. اتحاد ڪرڻ.
هِڪُ ڪرڻ: برابر ڪرڻ- مَٽ ڪرڻ. گڏائڻ. ملائڻ.
هُڪُ: ذ (انگ) لوهي ڪُنڍو (ڪپڙن وغيره ٽنگڻ لاءِ). بولٽ (دروازي جو).
هَڪالڻ: م. لوڏڻ- لوڏي ڪڍي ڇڏڻ. ڌڪا ڏيئي ڪڍڻ.
هِڪ ڀيرو: ظ. هڪ دفعو. اوچتو.
هِڪ ٽِڪَ: ظ. گهُور وجهي ڏسڻ- لاڳيتو ڏسندو رهڻ. نظر ڪُپائي اک ڇنڀڻ کان سواءِ ڏسڻ. نشاني تي پورو- ٺُڪ.
هڪ پاسيرو: ظ. هڪڙي پاسي تي. گوشائتو.
هِڪجهڙائي: ث. ساڳيائي- مشابهت. برابري.
هِڪ جهڙو: ص. ساڳيو- هوبهو. مشابهت رکندڙ.
هِڪَ جيڏائِي: ث. هم عمري.
هِڪَ جيڏو: ص. هم عمر. سَرتو- جيسُ. دوست.
هِڪدَم: ظ (ف) يڪدم- جهٽ پٽ- ٺُرت. اوچتو- اچانڪ.
هَڪَڙُ: ص. ڳالهائڻ ۾ هبڪندڙ- ٻٿڙ. ٻاتو.

هَڪڙائڻ: م. هيڪڻ. پاتائڻ. پاتو ڳالهائڻ.

هِڪڙو: ص. هڪ- واحد. اڪيلو- چڙو. (ث. هڪڙي).

هِڪَ ڪَرو: ص. هڪجهڙو. سدائين هڪجهڙو- ساڳيو (وهڪرو. حال).

هِڪَ ڪَنو: ص. ڌيان سان (ٻڌڻ).

هِڪَ ڳالهه: ث. پڪي ڳالهه. پڪو وعدو. مقرر ملهه.

هِڪ هَٽي: ث. سيني دڪانن تي هڪڙو مقرر ڪيل اگهه.

هَڪَلَ: ث. سڏ. پڪار. زور سان سڏ جو آواز. للڪار. وهٽ وغيره کي هڪلڻ لاءِ تڙ.

هڪل ڪرڻ: خبردار ڪرڻ لاءِ سڏڻ يا آواز ڏيڻ. زور سان سڏ ڪرڻ.

هِڪ لڙهو: ذ. هڪڙي لڙهي يا سَر وارو هارُ- هِڪ سَرو.

هَڪلڻ: م. هڪل ڏيڻ (وهٽ کي). تکو پنڌ ڪرڻ. تيز هلائڻ. ڊوڙائڻ. ڀڄائڻ (مڪيون).

هَڪلو: ص. جنهن جي زبان ۾ اٽڪاءُ هجي (۽ ڪنهن لفظ يا اکر تي اٽڪندو هجي).

هِڪو: ص. هڪڙو- هڪ. (ث. هڪي).

هِڪائي: ث. هيڪڙائي.

هَڪو ٻَڪو: ص. حيران- واٽڙو. بدحواس.

هِڪوٺو: ص. هڪ سرو. هڪڙو تهه (ڪپڙي وغيره جو).

هَڪيو: ص. حاضر. موجود. تيار.

هَڪيو تَڪيو: ص. هڪ مقرر ماڳ تي موجود.

هِڪي: ث. ٽڙي- لُڪي.

هَڳاءُ: ذ. سڳنڌ- سُرهاڻ- خوشبو. آواز- پڙلاءُ.

هَگَ: ذ. هڪ قسم جو پسارڪو وکر.

هُلُ: ذ. گوڙ- شور- ڌمچر- غوغاءُ. واڪو واڪاڻ.

هُل حشر: ذ. گوڙ گهمسان. واويلا. پاڻيٽال. هنبس.

هُل ڪرڻ: گوڙ ڪرڻ- لُڙ ڪرڻ.

هُلاچو. هُلچو: ذ. گوڙ- غوغاءُ. پڙلاءُ.

هَلاڪُ: ذ (ع) موت. تباهي.

هلاڪُ ڪرڻ: مارڻ- قتل ڪرڻ.

هلاڪتَ: ث (ع) فنا. موت.

هَلاڪُ: ص (ع. هَلاک) فنا. ڪهِيل- ٿڪل. بيزار. ورتل- خفي.

هلاڪ ٿيڻ: ورچڻ- ڪهجڻ- ٿڪجڻ. بيزار ٿيڻ- خفي ٿيڻ.

هَلاڪِي: ث. بيزاري. دقت- تڪليف. خفو. پورهيو. محنت. جفاڪشي.

هِلالُ: ذ (ع) پهرين تاريخ جو چنڊ.

هَلان: ث. اوچتو حملو- ڪاهه- چڙهائي. جُلهه.

هلان ڪرڻ: ڪاهه ڪرڻ- چڙهائي ڪرڻ.

هَلاهِل: ذ (ع) هڪ قسم جو قاتل زهر (جنهن جو ڪوبه علاج نه ٿي سگهي).

هَلائڻُ: م. حرڪت ڏيڻ- چورڻ. هڪلڻ. جاري ڪرڻ. هڻڻ (بندوق). شروع ڪرڻ. لوڏڻ- جنبش ڏيڻ. پنڌ ڪرائڻ.

هَلتَ: ث. چال- روش. رواج- رسم- ريت. روَيو.

هلت چلت: ث. چال چلگت. هلڻي چلڻي. افعال.

هَلتُ: ذ. نار يا هرلي جو سمورو سامان. سامان سڙو- ٽپڙ تاڙي.

هَلت هلڻ: ڪم ڪار هلڻ. روزگار هلڻ. گهر جو سَنجت ٿيندو رهڻ.

هَلچَل: ث. ياچ. ڀڄ ڊوڙ. دنگو فساد. افراتفري. حڪومت جي خلاف تحريڪ.

هَلرَ: ث. پوک جي ولِ (سنگن) مان اَنُ ڌار ڪرڻ لاءِ ڍڳن جي لتاڙ- ڳاهَ.

هَلِ بِڌڻ؛ گهٽي اچ وڃ ڪرڻ. ذري ذري اچڻ.
هَلڪائِي؛ ث. هلڪڙائي. وزن جي ٿورائي.
هلڪائي ڪرڻ؛ وزن گهٽ ڪرڻ. بار لاهڻ. آسان ڪرڻ.
هَلڪو؛ ص. گهٽ وزن وارو. گهٽ قيمت وارو- سستو. هلڪي طبيعت وارو- ٽرڙو. ڪم ظرف. ذليل. خسيس. حقير. ڪمزور- هيڻو. ناموزون. خفيف (ڏک)- اُچاترو.
هلڪو ٿيڻ؛ بار پري کان آجو ٿيڻ.
هلڪِڙائِي؛ ث. ٽرڙائي. نيچ پڻو. ڪميڻپ.
هَلندِي؛ ث. طاقت- پڄت- رسائي. پهچ- دست رس.
هلندي پڄندي؛ ث. طاقت ۽ اختيار. وس ۽ پهچ.
هَلَڻُ؛ م. چُرڻ- رڙهڻ. حرڪت ڪرڻ. وڃڻ- روانو ٿيڻ. پنڌ ڪرڻ- سفر ڪرڻ. جاري ٿيڻ. وهڻ (پاڻي). مرڻ. رائجُ ٿيڻ. وڪامڻ. ڇُٽڻ (بندوق).
هليو اچڻ؛ لاڳيتو رائجُ رهڻ. رواج ۾ هجڻ. سلسلو قائم رهڻ. حملي لاءِ اچڻ. ٻي ڊپو اچڻ.
هليو وڃڻ؛ روانو ٿيڻ- موڪلائڻ. ختم ٿي وڃڻ.
هَلِڻِي؛ ث. هلڻ جو نمونو. چال. رفتار.
هُلَڻُ؛ م. هُلي وڃڻ- مشهور ٿيڻ. پکڙجي وڃڻ (واقعو يا افواه).
هَلڻ مَلهڻ؛ م. هلي پاڻ ملهائڻ (ڪنهن مقابلي ۾).
هَلي مَلهي ڪرڻ؛ اچي مچي ڪرڻ- مدد ڪرڻ- همراهي ڪرڻ.
هَلويُون؛ ث. اُٺ جي سينگار جا ڳهه ۽ ساز.
هَلي چَلِي؛ ث. هلت چلت. ريت روش. رسم رواج. وهنوار (شادي مرادي جو).
هَليلا؛ ذ. ڇُوهارا- ڪتل- ڪارڪون.
هَم؛ ذ (ف) ساڻ- گڏ. خواه. ساڳيو. هوبهو.
هَم آغوش؛ ص. بغلگير- ياڪر پائڻ. ياڪر ۾.
هم آهنگ؛ ص. هڪ جهڙو آواز- ڳائڻ ۾ هڪڙوئي يڪو آواز. هم آواز.
هَمُّ؛ ذ (ع) اوسيئڙو. ڳڻتي- فڪر.
هَم غم؛ ذ. فڪر انديشا. غم ۽ ڳڻتيون.
هُما؛ ذ (ف) هڪ قسم جو خيالي پکي (جيڪو سدائين اُڏامندو رهندو آهي. چون ٿا تہ جنهن ماڻهو تي ان جو پاڇو پوي اهو بادشاه ٿيندو).
هَماليہ. هِماليہ؛ ذ (سن) برف سان ڍڪيل مشهور جبل (جيڪو سڄي دنيا جي جبلن کان اُوچو آهي).
هِمامُ؛ ذ (ف) اُکرو. لوهي اُکرو.
هِمام دَستو؛ ذ. لوهي اکرو مهرو.
هَمِ بِستري؛ ث. عورت سان گڏ سمهڻ- جماع.
هِمتائِڻُ. همتائڻ؛ م. هَمت ٻڌائڻ. زور وٺائڻ. ٻنيرائي ڪرڻ- دل ٻڌائڻ.
هِمَّتَ؛ ث (ع) طاقت- سگهہ. توفيق. پهچ- پڄندي. دليري- جرات.
هَمت ڪرڻ؛ دليري ڪرڻ. بهادري ڪرڻ. ڪوشش ڪرڻ.
هَم پايہ؛ ص (ف) ساڳئي رتبي جو. برابر (عهدي يا حيثيت ۾).
هَم پيشہ؛ ص (ف) ساڳئي ڌنڌي وارو- حريف.
هَم جماعِت؛ ص (ف) ساڳئي ڪلاس يا درجي ۾ پڙهندڙ. ساڳي جماعت جو (ميمبر).
هَم جِنس؛ ص. ساڳيءَ جنس جو. ساڳئي قسم جو.
هَمدَردُ؛ ص (ف) ڏک سک جو ساٿي. غمخوار. ڏک ڀائي. گهڻگهرو.
هَمدَردي؛ ث. غمخواري. درد وَندي. ڀلائي.
هَمدَم؛ ص (ف) دوست- يار. رفيق- ساٿي.
هَمذات؛ ص (ف) ساڳي قوم يا ذات جو.

هَمرازُ؛ ص (ف) حال يائي- حال محرم. رازدان.
هَمراهُ؛ ص (ف) گڏ هلندڙ. ساٿي- رفيق. ٻيلي. حامي. واهرو.
هَمراهِي؛ ث (ف) مدد. سات. واهر. ٻنيرائي.
هَمرِڪابَ؛ ص (ف) سوار سان گڏ هلندڙ- ڪنجڪي. سواري سان گڏ هلندڙ. هَمسفر. همراهه.
هَمزادُ؛ ذ (ف) گڏ ڄاول. ڄاڙو. هم عمر. اُهو جِنُ يا فرشتو جيڪو ڪنهن ماڻهو سان گڏ پيدا ٿيو هجي ۽ سڄي ڄمار ان سان گڏ رهي.
هَمزَبان؛ ص (ف) هڪ آواز. هڪ زبان. متفق. تائيد ڪندڙ.
هَمزو؛ ذ (ع) "الف" جي ٻي صورت جيڪا لفظ ۾ وچ ۾ اچي.
هَمسائگي؛ ث (ف) پاڙو- پاڙي جي ويجهائي.
هَمسايہ؛ ص (ف) پاڙيسري. پاسي وارو گهر. پرسان رهندڙ.
هَمسَري؛ ث (ف) برابري. هڪ جهڙائي- مساوات.
هَمسفر؛ ص. گڏ مسافري ڪندڙ. ساٿي.
هَمشڪل؛ ث (ف) ساڳي صورت وارو- هڪ جهڙي شڪل.
هَمشيره؛ ث (ف) ڀيڻ (جنهن هڪ ئي ماءُ جو کير ڌاتو هجي). سڳي ڀيڻ.
هَمعَصر؛ ص (ف) ساڳئي وقت جو. ساڳئي زماني يا دور جو.
همعُمر؛ ص (ف) ساڳيءَ عمر جو- هڪ جيڏو.
هَمقدم؛ ص (ف) ساٿي- رفيق- همراه.
هَم قلمُ؛ ص (ف) ساڳئي قلم يا پيشي سان تعلق رکندڙ- مصنف. اديب.
هَم قوم؛ ص (ف) ساڳيءَ قوم جو. هڪڙيءَ قوم جو.
هَم ڪلامُ؛ ص (ف) گفتگو ڪندڙ.
هم ڪلامِي؛ ث. گفتگو- ڳالهه ٻولهه.
هَم مَذهبُ؛ ص. ساڳيو مذهب رکندڙ. هڪڙيءَ عقيدي وارو.
هَم معنيٰ؛ ص. ساڳيءَ معنيٰ وارو.
هَم نامُ؛ ص. ساڳئي نالي وارو.
هم نشين؛ ص (ف) گڏ ويهندڙ. دوست. ساٿي.
هَمنوا؛ ص (ف) گڏ ڳائيندڙ. گڏجي ڳائيندڙ.
هَموارُ؛ ص (ف) سڌو (پٽ)- سَنڌريل (زمين).
هَموَطنُ؛ ص. ساڳئي وطن جو.
هَموزَنُ؛ ص (ف) ساڳي تور وارو- هڪ جيترو.
هَمَہ؛ ظ (ف) سڀ- ڪُل. سمورو- جملي.
همہ داني؛ ث. هر ڳالهه جي ڄاڻ.
هَمِيُون؛ ظ. هميشه- سدائين. اڪثر- گهڻو ڪري.
هِميائِي؛ ث (ف) اها ڳوٿري جنهن ۾ رپيا وغيره وجهي چيلهه سان ٻڌي ڇڏجي.
هَميرُ؛ ذ. سومرا گهراڻي جو مشهور حاڪم "همير سومرو". (ص) امير. پهلوان- سورهيه.
هَميشگِي؛ ث (ف) سدائين هجڻ واري حالت- مدامي. قيام. بقا.
هَميشَہ؛ ظ (ف) سدا- سدائين- دائم. جڏهن ڪڏهن.
هِنَ؛ ض. اِنَ. انهيءَ.
هِن سال؛ ظ. هلندڙ سال ۾- هلندڙ وقت ۾.
هُنَ؛ ض. هُو- اُهو. اُنهيءَ.
هَنياري؛ ث (ع. عماري) هاٿي تي رکڻ جي هَودي (جنهن ۾ ماڻهو ويهن)- پالڪي.
هَنياري رسڻ؛ وڏي درجي کي پهچڻ.
هَنبَسُ؛ ذ. هَل- ڳوڙ. ڏمچر. گهوڙ گهمسان.
هَنبَسڙا؛ ذ. "ماتا" وانگر چمڙي جي هڪ بيماري.

هَنبوڇي، ث. دهل ۽ شرناءِ جي تار تي هڪ قسم جو ناچ.

هنبوڇيون هڻڻ، خوشيءَ ۾ نچڻ ٽپڻ.

هَنيي، ث. ديگ رڌڻ لاءِ ڪاٺ جي وڏي ڏوئي- آنيي.

هَنجَهہ، ث. گود- جهولي- آغوش.

هَنجهہ، ذ. هڪ قسم جو ڊانڊي پکي.

هَنجهَڙ، ث. هڪ قسم جو ڊانڊي پکي.

هَنجهُون، ث. لڙڪ- ڳوڙها.

هنجهون هارڻ، ڳوڙها ڳاڙڻ- لڙڪ وهائڻ. روئڻ- ڌڪ ڪرڻ.

هِندُ، ذ. هندوستان- ڀارت.

هِندِي، ص. "هند" جو رهاڪو. (ث) "ڀارت" جي قومي ٻولي.

هِندائُو، ذ. ڇانهين- تربوز.

هِندستان، ذ. "هندو" قوم جو ملڪ- هند- ڀارت.

هَندستاني، ص. هندستان جو- هندي.

هِندسَه، ذ. "انگن" جو علم. جاميٽري ۽ رياضي جو علم.

هِندُو، ذ. "هند" جو رهاڪو. (ص) ڪارو (ماڻهو). (ث. هِندواڻي).

هِندورو، ذ. پِينگهو- جهُولو.

هَنڌُ، ذ. جاءِ- مقرر جاءِ. آستانو- ٺڪاڻو- ماڳ. گهر. بينڪ. کٽ يا پٽ تي وڇائڻ جو بسترو.

هَنڌائتو، ص. پوري هنڌ تي- صحيح جاءِ تي. ٺاهڪو.

هنڌين ماڳين، ظ. جتي ڪٿي- هرهنڌ.

هَنڍائِڻُ، م. ڇوڙڻ (ڪپڙو). پائڻ- پهرڻ (وڳو). سيبائڻ (دل کي). استعمال ڪرڻ (دل سان). عمل ڪرڻ. تپاس ڪرڻ (دل ۾).

هَنڊو، ذ. هڪ قسم جو ٿانءُ (وڏي هنڊي).

هَنڊِي، ث. ننڊو هنڊو- هڪ قسم جي ديڳڙي.

هُنڊِي، ث. رکيل ڏروات يا واپاري رقم جي ادائگي لاءِ ڏنل خاص چٺي (جنهن ۾ رقم جي انگ ۽ وٺڻ واري جي نالي اختيار ڏنل هوندو آهي).

هُنَرُ، ذ (ف) ڪنهن ڪم ۾ فن جي ڄاڻ. مهارت. ڪاريگري. هٿ جو پورهيو.

هُنرمندُ، ص. ڪاريگر. ماهر ڪاريگر. پورهيت.

هنرمندي، ث. ڪاريگري- مهارت.

هَنگامو، ذ (ف) هجوم- ڀيڙ. انبوهہ- ماڻهن جو ميڙ. شور- هل. جهيڙو- فساد. وڳوڙ.

هنگامو ڪرڻ، گوڙ گهمسان ڪرڻ. فساد ڪرڻ. وڳوڙ مچائڻ.

هَنگائِڻُ، م. پاخانو ڪرائڻ. تنگ ڪرڻ.

هَنگ ڀِرڪان، ث. تڪڙ- تڙ تڪڙ. ابهرائي. لوچ پوچ- بي آرامي.

هِنگلاجُ، ذ. لس ٻيلي (بلوچستان) ۾ ناني جبل ۾ جوڳين وارن فقيرن جي جاترا.

هَنگڻُ، م. ڏورو ڪرڻ- پاخانو ڪرڻ. آڻ ميڻ.

هنگڻو، ص. ڊڄڻو- بزدل. گيدي.

هَنگِي ڏيڻ، ڊڄڻ. مجبور ٿيڻ. هارائڻ. شڪست کائڻ.

هَنو، ذ (ع) گهوڙي جو هڪ سنج. گهوڙي تي سواريءَ لاءِ ڪاٺ جو چمڙو چڙهيل چوٺڪو (جنهن تي سُوار سولو ويهي سگهي).

هُنوز، ظ (ف) اڃان بہ- هن وقت تائين.

هَنُومانُ، ذ. هندن جو هڪ ديوتا (جنهن سيتا کي هٿ ڪرڻ ۾ رام جي مدد ڪئي هئي).

هِنيون، هِينئون، ذ. دل- قلب- مَنُ.

هِنيون ڦاٽڻ، بي انتها ڊپ ٿيڻ.

هِنيون لاهڻ، بي همت ٿيڻ- مڙسي ڇڏڻ. دل لاهڻ.

هِٿڪارَ: ث. گهوڙي جو آواز (جيڪو مالڪ کي ڏسي ڪري، يا ڪا طلب ڪري).

هِٿڪارَڻُ: م. هٿڪڻ- هٿڪار ڪرڻ.

هِٿڪڻُ: م. هٿڪار ڪرڻ.

هَوِ ڳَوِ: ث. هڪ قسم جي بلا- ڳَوِ (چون ٿا تہ زهريلي ساندي جو قسم آهي ۽ ٽپ ڏيئي وهٽ تي سوار کي بہ ڏنگي وجهي).

هَٿَڻُ: م. لڳائڻ (ڏڪ)، ٺوڪڻ. ڪوڙڻ (ٺولي وغيره). پوکڻ (وڻ، ٽڏو).

هٿندي مارِيندي: ظ. ڏاڍي ڪوشش سان، وڏي تڪليف سان.

هٿي هنڌ ڪرڻ: سوڀارو ٿيڻ- ڪامياب ٿيڻ. نيت مطلب حاصل ڪرڻ.

هَوِ هَٿان: ث. جفاڪشي- محنت- جاکوڙ.

هو هٿان ڪرڻ: گهڻي ڪوشش ڪرڻ. ڏاڍي جاکوڙ ڪرڻ.

هَوَ: ث. ٿوري ذري.

هُو: ث (ف) "صدا" جيڪا مستي يا مجذوبيءَ جي حالت ۾ وات مان نڪري. نعرو. (ع) "الله" جو مخفف. (ض) ضمير غائب واحد لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظ.

هَوا: ث (ع) باد- واءُ- پَوَن. بادي- ريح. حرص. وڏائي- غرور. اکڙ- سيبٽ.

هواباز: ص. هوائي جهاز اڏائيندڙ.

هوا بدلائڻ: تندرستي يا سير سفر لاءِ ٻئي شهر يا ٻئي علائقي ۾ وڃڻ.

هوادار: ص. جنهن چڱيءَ طرح هوا جو گذر ٿئي. خلاصو (گهر). واڪو. کليل (ميدان).

هوا کائڻ: هوا خوري ڪرڻ. چهل قدمي ڪرڻ. سير تفريح لاءِ کليل هنڌ تي وڃڻ.

هوا لڳڻ: هوا جو اثر ٿيڻ. هوا جي خراب اثر سان بيماري ٿيڻ.

هوائي: ث. آتش بازي جو هڪ قسم. (ص) هوا وارو.

هوائي جهاز: ذ. هوا ۾ اڏامندڙ جهاز- طيارو.

هوائي خبر: ث. افواه. ڪوڙي خبر.

هَواڙ: ث. ٿورو ذرو.

هُوبَهُو: ظ. ساڳيو- اهوءَ جهڙو. عين بين- نِس پِس.

هوت: ذ. بلوچن جو هڪ قبيلو (آري ڄام ۽ پنهونءَ جو قبيلو).

هوٽل: ث (انگ) مسافرخانو- سراءِ. رهائش ۽ کاڌي جي سهولت واري جاءِ.

هَودي: ث. پاڻيءَ جو ننڍو حوض.

هوڏ: ث. شرط- بازي. ضد. تڪبر.

هوڏ ٻڌڻ: شرط رکڻ- بازي رکڻ. ضد ڪرڻ.

هوڏي: ص. ضدي. هٺيلو. مغرور.

هوڏانهن: ظ. هن پاسي- هن طرف. هُتي.

هورُ: ذ (ع. هول) ڊپ- خطرو. وسوسو- وهم. اُڌڪو- هرکرُ. ڳڻتي.

هوراکورا: ث. چورا کورا- آنڌ مانڌ. ڳڻتي.

هوري: ث. هندن جو هڪ وڏو ڏڻ- هولي.

هَوڙ: ث. ڏاٽ.

هَوڙو: ذ. ننڍي ٻيڙي- ٻتيلو.

هُوڙهو: ص. ڪند ذهن- موڳو. جلدباز. اُبهرو. ٻئي جي چوڻ تي هلندڙ.

هُوڙهائي، هُوڙهيائي: ث. موڳائي. تکڙ- جلدبازي. اُبهرائي.

هَوَس: ث (ع) خواهش- سڌ- لالچ- طمع. حرص. نفساني خواهش.

هَوسناڪ: ص. لالچي- حريص.

هُوسَ؛ ث. بدنظر. حسد.

هوسَڻُ؛ م. نظر هڻڻ. حسد واري نظر سان ڏسڻ. حسد ڪرڻ.

هَوشُ؛ ذ (ف) سمجهہ- شعور. فهم. سُرت.

هوش اچڻ؛ سياڻو ٿيڻ. بالغ ٿيڻ. عقل اچڻ.

هوش اُڏامڻ؛ عقل خطا ٿيڻ. بدحواس ٿيڻ.

هوش خطا ٿيڻ؛ حواس گم ٿيڻ. حيران ٿيڻ.

هوش سنڀالڻ؛ وڏو ٿيڻ. بالغ ٿيڻ.

هوشمندُ؛ ص. سياڻو- ڏاهو. عقل وارو. سمجهو.

هوشيار؛ ص. عقلمند- ڏاهو. داناءُ. خبردار. چالاڪ.

هوشيار ڪرڻ؛ خبردار ڪرڻ.

هوشيارِي؛ ث. ڏاهپ- دانائي- عقلمندي. عياري- چالاڪي.

هوڪارِ؛ ث. هڪل- سڏ. للڪارَ.

هوڪارَڻُ؛ م. سڏڻ. سڏ ڪرڻ. للڪارڻ- ٻولائڻ. اڳتي وڌڻ. هڪلڻ (چوپاين کي).

هوڪارو؛ ذ. سڏ. للڪار. دانهن. نعرو.

هوڪارڻ ۾؛ ظ. موجن ۾- عيش ۾.

هوڪِرو، هوڪِريو؛ ذ. وڏي آواز سان سڏ. هوڪارو. گوڙ- هُل. سڏوسڏ. غوغاءُ.

هوڪو؛ ذ. سڏ. آواز- صدا. پڙهو- منادي.

هوڪو ڏيڻ؛ اعلان ڪرڻ. پڙهو ڏيڻ.

هَولُ؛ ذ (ع) ڊپ- خوف- دهشت. گهبراهٽ. انديشو.

هولناڪُ؛ ص. خوفناڪ- دهشت ناڪ- ڀوائتو.

هولِي؛ ث. هندن جو هڪ ڏهاڙو (جنهن ۾ هڪ ٻئي کي رنگ هڻن).

هُون؛ ث. "هاڪار" جيءَ معنيٰ ڏيڪاريندڙ آواز. اُٺ کي هڪلڻ واري هُونگ.

هُون هان ڪرڻ؛ ننائڻ لاءِ آڌا اُبتا جواب ڏيڻ.

هُوندَ؛ ظ. جيڪر- شايد.

هُوندِ؛ ث. مُوڙي- دولت- ناڻو. ٻچت- سگهہ.

هُوندِ نہ هئڻ؛ ظ. هڙ نہ حاصل- سڪڻائي. ڪجهہ بہ نہ.

هُوندِ وارو؛ ص. پنهنجي مُوڙيءَ وارو. شاهوڪار.

هُوندي سُوندي؛ ظ. پئسي هوندي. ملڪيت هوندي.

هُونگَ؛ ث. "هُون" جو آواز. ڍور ڍڳي کي هڪل. آواز ڪرڻ. سڏ. گوڙ- هُل.

هُونگار؛ ث. هُونگ.

هُونگارڻ؛ م. اُٺ يا مال کي هڪلڻ لاءِ آواز ڪرڻ.

هُونگارو؛ ذ. "هُون" جو آواز. ڳائڻي سان گڏ جهيلَ سان سُرجهلائڻ.

هونگارو جهلائڻ؛ "نڙ- بيت" جي ڪچهري ۾ بيت ڏيندڙ سان بيت جي پڇاڙي ۾ جهيلَ سان "ها" ڪرڻ.

هُونگر؛ ث. هُونگ.

هُونگڙيُون ڏيڻ؛ معصوم ٻارڙي جو خوشيءَ ۾ هٿ پير هڻڻ ۽ آواز ڪڍڻ.

هُنهِي، هُونئِهي؛ ظ. اجايو- مفت ۾- خواهہ مخواهہ- هريرو.

هو؛ فعل. هجي. (ض) هُو- اُهي.

هُوَيدا؛ ص (ف) ظاهر- عيان- نمودار. پيدا. واضح. چٽو- پڌرو.

هِهڙو؛ ض. هن جهڙو- اِهڙو.

هِهڙو تِهڙو؛ ص. اجايو- نڪمو. رواجي.

هُهَڙو؛ ض. هُن جهڙو- اُهڙو.

هَهو، هاهو؛ ذ. ڪنڌ ۽ ٽُنيءَ جي وچ وارو حصو.

هَهي جو سُورُ؛ ذ. ٽُنيءَ جي نسن وارو سُور (جيڪو ڏکيي سُمهڻ سان ٿئي).

هِتان؛ ظ. هِن هنڌان- هِتان.

هَتَڻُ م. ٿيڻ- هجڻ. ڄمڻ- پيدا ٿيڻ.

هُئو ض. ماضي بعيد ۾ واحد مذڪر.

هَئي هَئي ندا. هاءِ هاءِ. عجب يا ڏک وارو آواز.

هَٿُو مَٿُو ذ. جيڪي هجي- ڪوبہ جاندار.

هَٿُو مَٿُو ڪرڻ اڪيلائي ٿيڻ- خلوت ٿيڻ. ماڻهو جيٿو وڃڻ.

هِيانچو ذ. تِلي. تِلي وڌي وڃڻ جو مرض.

هِيانءُ ذ. هِينئون- دل.

هَيبَتَ ث (ع) خوف- دهشت. ڊپ- ڀَئو. رعب.

هَيبتناڪ ص. ڊپ وارو- ڀوائتو- خوفناڪ.

هيِترو ض. هِن جيترو.

هيترو سارو ظ. حد کان وڌيڪ- تمام گهڻو.

هيٺ ظ. جُهڪيل- نميل. ڪريل. زمين تي. گهٽ درجي جو. تابع.

هيٺ لهڻ ڪجهہ هيٺ ٿيڻ. لهندي تي اچڻ. گهٽ ٿيڻ (اگهہ، پاڻي).

هيٺ مٿي ٿيڻ گڏوچڙ ٿيڻ. لهڻ چڙهڻ. گم ٿيڻ.

هيٺ مٿي ڪرڻ زيربار ڪرڻ. تنبيهہ ڪرڻ. جٺ ڪرڻ.

هيٺان ظ. تري ۾. هيٺ. هيٺيون.

هيٺاهون ظ. هيٺيون. هيٺ تي.

هيٺاهِيں ث. لهندي- نشيب- پستي.

هيٺ ڀَرو ظ. هيٺ تي. هيٺين پاسي تي. ڪجهہ هيٺ.

هيٺ مٿاهِيں ث. ناهموار (زمين). اڻ سڌي. ڪڙبڙ.

هيٺ مٿي ظ. ناهموار- اڻ سندريل. گهٽ وڌ.

هيٺيون ظ. هيٺ وارو. تر وارو. (ث. هيٺين).

هيجُ ذ. انگل- مانو- لاڏ. چاهہ. پيار- قرب.

هيجانُ ذ (ع) جوش. تيزي. زور- غلبو.

هِيچُ ص (ف) نفرت جوڳو. بيهودو. اجايو. گهٽ.

هيچمَدانُ ص. گهٽ عِلم وارو. نادان. بيوقوف.

هيڏانہ، هيڏاهن ظ. هن طرف- هِن پاسي.

هيڏاهن هوڏاهن ظ. هن هُن پاسي. اوري پري.

هيڏاهن هوڏاهن ٿيڻ اوري پري ٿيڻ. هڪ هنڌ نہ ٽڪڻ. بيقراري کان اچ وڃ ڪرڻ.

هيڏو ص. هن جيترو- هن جيڏو. (ث. هيڏي).

هيڏي ڪرڻ ايڏي وڏي جٺ ڪرڻ.

هَيڊَ ث. هڪ قسم جو ٻوٽو جنهن جون پاڙون مصالحي طور ڪم اچن.

هيڊُ ذ (انگ) اڳواڻ. اعليٰ آفيسر. آفيس جو اڳواڻ.

هيرَ ث. عادت- گت- چال.

هيراڪُ ص. عادِتي- هريل- پانڊالي. علتي.

هِيرَ ث (ع) ٿڌي هوا سج اُڀرڻ کان اڳ واري فرحت ڏيندڙ هوا. وسڪاري کان پوءِ لڳندڙ هوا.

هيرِ ڦيرِ ث. بدل سدل. مٽاسٽا. دوکو- ٺڳي- فريب.

هيرَڻُ ذ. هڪ قسم جو وڻ ۽ ٻج.

هيرو ذ. اهو چرچي وارو ڳيچ جنهن ۾ ڪنواريون طرفان گهوٽين کي گاريون ۽ ڪَچا وين ڏنل هجن.

هِيرو ذ. هڪ قسم جو قيمتي پٿر- الماس- رتن.

هيڙهِو ذ. هڪ قسم جو پکي.

هِيسَ ث. ڊپ وارو دٻاءُ- سختي. جٺ ڦٺ. رعب تاب.

هِيسائِڻُ م. ڌڙڪو داب ڪرڻ. مرعوب ڪرڻ. خوفزده ڪرڻ. ڊيڄارڻ.

هِيسَڻُ م. دٻائڻ. ڊپ وارو دٻاءُ وجهڻ. ڊيڄارڻ.

هَيضو ذ (ع) هڪ قسم جي وچڙندڙ بيماري (جنهن ۾ دست الٽيون ٿين).

هيڪُ ص (سن. ايڪ) هِڪُ (عدد).

هيڪ هيڪائي ڪرڻ هڪڙي ڳالهہ ڪري نبيرو ڪرڻ. صاف صاف چوڻ. هڪڙو فيصلو ڪرڻ. تعلق ٽوڙڻ.

هيڪار: ظ. هڪڙو ئي پيرو- هڪ دفعو- هڪوار.
هيڪاري: ظ. ايان بہ وڌيڪ. ايان بہ.
هيڪانڊ: ث. گڏجاڻي- ميلاپ. هڪ ٿيڻ واري حالت. هيڪڙائي.
هيڪاندو: ظ. گڏيل- يڪو- سڀ. تمام گهڻو. (ث. هيڪاندي).
هيڪڙ: ظ. هڪ پيرو- هيڪار.
هيڪڙائي: ث. هڪ هئڻ جي حالت. وحدت. خداتعاليٰ جي هڪ هئڻ جو عقيدو.
هيڪل: ث. هڪڙو پيرو. (ص) اڪيلو- ڇڙو.
هَيڪَلُ: ذ (ع) بتخانو. يهودين ۽ پارسين جي پوڄا جو گهر.
هيڪلائي، هيڪلائي: ث. اڪيلائي. اندڪائي- فرصت.
هيڪلو، هيڪلو: ص. اڪيلو. ڇڙو. (ث. هيڪلي، هيڪلي).
هيڪلُ: ص. اڪيلي سر- اڪيلو. (هيڪلي).
هيڪل وَسُوڙو: ص. ڇڙوڇانڊ- اڪيلو. ويچارو.
هيگلو: ص. اڪيلو. ڇڙو. (ث. هيڪلي).
هيلُ: ظ. هن سال- هلندڙ مُندَ ۾. هن مند ۾.
هيلوڪو: ص. هن سال جو. هاڻوڪو.
هَيَلُ: ص. ٿڪل- ساٺو- ماندو. ٻنل- هيسيل.
هِينگ: ث. گڏهہ جو آواز.
هِينگون ڪرڻ: گڏهہ وانگر دانهون ڪرڻ. ادنگو ڳالهائڻ.
هِينئر: ظ. هن مهل- هن وقت. فورا- يڪدم. هاڻي جو هاڻي. اڄ ڪلهہ- موجوده وقت ۾.
هِيڻائي: ث. ڪمزوري- اېراڻي- نِستائي.
هِيڻو: ص. ڪمزور- نِبل. ڏبرو- اېرو. بي پهچ. (ث. هيڻي).
هِيڻي وَهِي: ث. زبون حالي. پيري- ٻڍاپو.
هَيُولِيٰ: ذ. (ع) ڏيک- نظارو.
هَيهات: ندا (ع) هاءِ هاءِ- افسوس.
هَيئَت: ث (ع) بناوت. صورت- شڪل. ڪيفيت. حالت. آسماني تارن سيارن وغيره جو علم.

ء

ء: ذ (ع) ("اُچار" الف همزو) سنڌي "الف- بي" جو ايڪونجاهون اکر. عربي جو ستاويهون اکر. لفظن جي وچ ۾ 'الف' بدران ڪم ايندڙ اکر (مثلا: فائدو، قرئت وغيره).
ء: حرف جملو. پيو- وڌيڪ.

ي

ي: ث (ع) (اُچار "يي") سنڌي "الف- بي" جو ٻاونجاهون اکر. عربي جو اٺاويهون ۽ فارسي جو ٻٽيهون اکر. ابجد موجب عدد (١٠)
يا: ذ (ف) يانہ- خواهہ.

ياء ندا (ع) اي!
يا خدا، ندا. اي الله- اي خدا!
يانصيب، ندا. (قسمت آزمائي وقت چوندا) ڪٿن منهنجا ياڳ! جئن نصيب ۾ هوندو.
ياترا، ث (سن) درشن- جاترا (زيارت). تيرٿ.
ياجُوج ماجُوج، ذ. يافث بن نوح جي ٻن پٽن جا نالا (جن جو ذڪر قرآن شريف ۾ اچي ٿو). (ص) فسادي. گهڻو ڪاٺيندڙ.
يادِ، ث (ف) سارولي- سارَ- يادگيري. (ظ) حفظ- بر زبان.، زباني ورد.
ياد آوَرِي، ث. ياد ڪرڻ- يادگيري. خبرگيري.
ياد اچَڻُ، ذهن ۾ اچڻ. خيال تري اچڻ. دل ۾ هُرڻ.
ياد رکڻ، خيال ۾ رکڻ. ڌيان ۾ رهڻ. نه وسارڻ.
ياد ڪرڻ، وري وري نالو وٺڻ. سارڻ- سنڀالڻ. حفظ ڪرڻ،
يادداشت، ث (ف) حافظو. يادگيريءَ لاءِ لکيت. تفصيل- وچور.
يادگارُ، ذ (ف) اها چيز (تحفو، اثاوث، نشان وغيره) جيڪا ياد ڏياريندي رهي. آثار- نشان.
يادگيرو، ذ. يادگيري.
يادگيري، ث (ف) سار- سنڀار- ياد. ياد ڪرڻ وارو خيال.
يارُ، ذ (ف) دوست- سنگتي. ساٿي. محبوب. آشنا (عورت جو).
يارانو، ذ. دوستي- سنگت- ياري. قرب- پيار.
يارائي، يارالِي، ث. دوستي- سنگت- ياري. قرب- پيار.
يارهين، ث. غوث اعظم سيد عبدالقادر جيلاني جو عرس (جيڪو ربيع الثاني جي يارهين تاريخ ٿئي).

ياري، ث. دوستي- سنگت. قرب جو ڳانڍاپو. الفت. آشنائي.
ياري باشي، ث. دوستي. ملاقات ۽ ڪچهري.
ياس، ث (ع) نااميدي. مايوسي. نراسائي. افسوس. انديشو- ڏپ.
ياسمِينُ، ذ (ف) هڪ خوشبودار گلُ- جاءِ جو گل- چنبيلي.
ياسينُ، ث (ع) قرآن شريف جي هڪ سُورة.
يافت، ث (ف) آمدني. حاصلات. نفعو.
ياقُوت، ذ (ع) هڪ قسم جو قيمتي هيرو- لعل.
ياقُوتي، ث. هڪ قسم جي معجون جيڪا جواهرات مان ٺهي.
ياڪي، ص. بيوفا- بي پرواهه. اڪيلو. آزاد.
ياوَرُ، ص (ف) مددگار. دوست- يار.
ياوَرِي، ث. دوستي- مددگاري. حمايت. خدا جي طرفان امداد.
ياوَهَ، ص (ف) بيهودو. اجايو.
ياوَه گوئي، ث. بيهوديون ڳالهيون. اجايون ڳالهيون. بڪواس.
ياهُ، ذ. جماع. لڳُ.
ياهُو، ص. گهڻو جماع ڪندڙ.
يَتِيمُ، ذ (ع) ڇورو ٻار (جنهن جا ماءُ پيءُ مري ويا هجن). لاوارث.
يَتِيمُ خانو، ذ. اها جاءِ جتي يتيمن کي رهايو وڃي.
يَتِيمي، ث. ڇورڙائي.
يَٽُ، ذ. ٻٽاڪ- ٻاڙ- زٽ.
يَٽ ڇٽ، ذ. ٻاڙ ٻٽاڪ- گشو پتو.
يَثرِبُ، ذ (ع) مديني منوره جو اڳاٽو نالو.
يَحيٰ، ذ (ع) هڪ نبي سڳوري جو نالو.

يَخ، (ف) سخت برف. پارو (سرديءَ ۾ ڄميل پاڻي).
يَخني، ث (ف) گوشت جو شورو. خاص سنڌ ۾ ٿورن ڄانورن ۾ رڌل گهڻي گوشت وارو پُلاءُ.
يَخورو، ذ. لذيذ کاڌو. سٺيو کاڌو. مال مليدو.
يَخي، ث. جهڳي- بَڪ. گهڻو ۽ بيفائدو ڳالهائڻ- بڪواس.
يَدْ، ذ (ع) هٿ- دست.
يَد بَيضا، ذ. چمڪندڙ هٿ (حضرت موسيٰ جو معجزو جو پاڻ هٿ بغل ۾ وجهي ڪڍندو هو ته اهو هٿ چمڪندو هو).
يَد طُوليٰ، ذ. ڊگهو هٿ. دسترس- پهچ- رسائي. مهارت.
يُڌ، ث (سن) لڙائي- جنگ- جُڌ.
يَرغمالْ، ذ (ف) ڪو ماڻهو ضمانت طور پاڻ وٽ رکڻ- اولَ.
يَرقانْ، ذ (ع) "ساڻي" جو مرض (جنهن ۾ اکيون ۽ بدن هيڊا ٿي وڃن).
يَزدانْ، ذ (ف) خداتعاليٰ. (آتش پرست قوم جي عقيدي موجب) خير جي قُوت (۽ "آهرمان" شر جي قوت).
يَزيدْ (بن معاويہ)، ذ (ع) بنو اُميه گهراڻي جو حاڪم (جنهن جي حڪمراني ۾ حضرت امام حسين رضہ کي شهيد ڪيو ويو).
ياسينّ، ث (ع. يٰسين) ڪلام پاڪ جي هڪ سورت.
يَشي، ث. ڪُتي جي پوئنڪ- ڏڙهي.
يَشيون ڏينهن، ڏڙهيون ڏينهن- ڪُتي وارا جهٽ وجهڻ.
يَعقُوبْ، ذ. هڪ نبي سڳورو (جيڪو بني اسرائيل جو وڏو ڏاڏو هو).
يَعني، ذ (ع) مطلب ته- معنيٰ ته.
يَقينْ، ذ (ع) اعتبار- ويساهه. ڀروسو. دلجاءِ.
يقين ڪرڻ، اعتبار ڪرڻ- ڀروسو ڪرڻ. ويساهه ڪرڻ. پورو اعتقاد رکڻ.
يَقينا، ظ (ع) پڪ سان- بيشڪ- اعتبار جوڳو. يقين سان- ڀروسي سان.
يقيني، ظ. ضرور- پڪ سان. يقينا.
يَڪ، ص (ف) هڪ- واحد. هڪڙو (عدد).
يَڪ بہ يَڪ، ظ (ف) اوچتو- ناگهان. اتفاق سان.
يَڪتا، ص (ف) اڪيلو- هڪڙوئي. نرالو- انوکو. پنهنجو مٽ پاڻ.
يَڪتارو، ذ (ف) هڪ تنديا تار وارو هڪ قسم جو ساز (جنهن ۾ هڪڙي تند ٿئي ۽ ڪافيون ڪلام ڳائيندڙ عموما آس لاءِ ڪڻ ۽ ساڄي هٿ جي ڏسڻي آڱر سان وڄائين).
يَڪجا، ص (ف) هڪڙي هنڌ گڏ- هڪ جاءِ تي گڏيل.
يَڪ جِهَتي، ث (ف) اتحاد- اتفاق. ٻڌي- ايڪو.
يَڪ چَشَم، ص (ف) هڪڙي اک وارو- ڪاڻو.
يَڪدِل، ص (ف) متفق. همدم.
يَڪدَمْ، ظ. بروقت- تهتا- جلد- ترت.
يَڪراءِ، ظ. هڪ صلاح. (ث) هم آواز.
يَڪرنگ، ص. هڪ قسم جو- هڪ جهڙو.
يَڪرَنگي، ث (ف) اندر ٻاهر هڪ جهڙي هلت. اتحاد- دوستي.
يَڪسان، ص (ف) هڪجهڙو- ساڳيو. هڪڙي ئي قسم جو.
يَڪسانيّت، ث. هڪ جهڙائي. برابري. ساڳيائي. مشابهت.
يَڪ سُخن، ص. انجام جو پڪو. واعدي جو پورو.
يَڪ سَر، ص (ف) سمورو- بلڪل- سڄو سارو. (ظ) فورا- اوچتو.
يَڪ سُوئي، ث (ف) دلجمعي- اطمينان.
يَڪ طرفو، ص (ف) هڪڙي پاسي جو (پاڙو،

فيصلو). هڪڙيءَ ڌُر جو.
يڪ نِصلي: ث. اها زمين يا پوک جيڪا سال ۾ هڪ پيرو ٿئي.
يَڪ لَخت: ص (ف) سڄو سارو. فورا- يڪدم.
يَڪ مُشت: ص (ف) سمورو- جملي- سڀ. (ظ) هڪڙي ئي پيري.
يَڪو: ص. اڪيلو- تنها. (ظ) سمورو- گڏ- جملي- سڀ. (ذ) تاس ۾ هڪڙي داڻي وارو پتو. (ث. يَڪي).
يڪو: ذ (ف) پهلوان- سورهيه.
يَڪي سِر: ص. اڪيلو. هڪڙوئي. پنهنجي مٿي.
يگانگت، يگانگِي: ث (ف) هِڪڙائي. ايڪائي. نرالائي- انوکائي. نُدرت. ٻَڌي- اتحاد.
يگانو: ذ (ف) اڪيلو- هڪڙو. نرالو- انوکو. وِرلو. نادر- عجيب. لاثاني- بي مثل.
يَلغارَ: ث (ف) حملو- جُلهه- ڪاهه.
يَمَنْ: ذ. عربستان جي ڏکڻ ۾ هڪ رياست يا ملڪ. (سن) ڪليان راڳ جي هڪ راڳڻي. شاهه عبداللطيف جي رسالي ۾ هڪ سُر.
يُورَپْ: ذ (انگ) ايشيا جي الهندي وارو کنڊ.
يُورَش: ث (ف) حملو- ڪاهه- چڙهائي. دشمن جي لشڪر تي حملو.
يُوسفْ: ذ. هڪ نبي سڳوري جو نالو (حضرت يعقوب جو فرزند جيڪو نهايت حَسين هو).
يُوسف ثاني: ذ. حضرت يوسف عليه السلام جهڙو حسين- تمام سهڻو.
يوگْ: ذ (سن) جوڳْ (هڪ پنٿ، فرقو، يا يڳتي جو هڪ طريقو).
يَومْ: ذ (ع) ڏينهن- روز.
يَومْ الحِسابْ: ذ. قيامت جو ڏينهن (جنهن ڏينهن تي ٻندن کان اعمالن جو پڇاڻو ٿيندو).
يُونانْ: ذ. يورپ جو هڪ ملڪ.
يوناني طب: ث. ڏيهي جڙين ٻوٽين سان علاج ڪرڻ جو طريقو.
يُونسْ: ذ. هڪ نبي سڳوري جو نالو.
يُونِيَن: ث (انگ) اتحاد- اتفاق- ٻڌي. جماعت.
يَهُودِي: ذ (ع) حضرت موسيٰ عليه السلام جي اُمت سڏائيندڙ قوم- بني اسرائيل.

Sindhi Language Authority,
National High way, Hyderabad,
Sindh, Pakistan, P.C. 71000
Tel: 652457-650167
Fax: 652762

First edition of one volume "Sindhi to Sindhi Dictonary" compiled by Dr. N.A Baloch
is published by Sindhi language Authority, Hyderabad, Sindh.

August, 1998.
Copies: 2000
Price: Rs. 400

All rights reserved. No part of this dictionary may be reproduced or transmitted in any form or by any means, electrical, mechanical, photo - copying, recording or otherwise, without the prior permission of Sindhi Language Authority.

__Distributor__:
Sindhi Language Authority,
Hyderabad, Sindh. P.C. 71000

Published by Taj Joyo Secretary & Ameen Muhammed Laghari, Publication officer, Sindhi Language Authortiy, Hyderabad, and printed by Azad Communications, National Auto Plaza, B-24, Marston Road, Karachi, Sindh.

A ONE VOLUME

SINDHI TO SINDHI DICTIONARY

Compiled by

Dr. N.A Baloch

Assisted by

Muhammad Ismail Shaikh

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

HYDERABAD, SINDH.

1998

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ

ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنىٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڏڻ ويجهڻ ۾ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٿالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ۾ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گـيـتَ بہِ ڄـڻ گـوريـلا آهـن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄئن ڄئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هـو ٻـوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿـا:

ريـتـيءَ تـي راتـاهـا ڪــن ٿـا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿـا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄـڪـلـهہ نـيـلا پـيـلا آهـن:

گـيـتَ بہِ ڄـڻ گـوريـلا آهـن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم - گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چـو، چالاءِ ۽ ڪـيـئـن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڙ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ

پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ“.

- اياز (ڪي جو ٻيجل ٻوليو)